لَا يَمَسُّهٗۤ اِلَّا الْمُطَهَّرُوْنَؕ

# قرآن مجيد

سنڌي ترجمي سان

زير هدايات

امام جماعت احمديه

حضرت مرزا طاهر احمد خليفة المسيح الرابع ايده الله

مترجم

پروفیسر عبدالقادر ڈاهري

و

غوث بخش شيخ

# قرآن شريف جي سُورتن جي فهرست


| شمار | سورت | صفحه | شمار | سورت | صفحه |
|---|---|---|---|---|---|
| ۱ | الفاتحة | ۱ | ۲۸ | القصص | ۶۶۹ |
| ۲ | البقرة | ۲ | ۲۹ | العنكبوت | ۶۸۷ |
| ۳ | آل عمران | ۸۱ | ۳۰ | الروم | ۷۰۰ |
| ۴ | النساء | ۱۲۴ | ۳۱ | لقمان | ۷۱۱ |
| ۵ | المائدة | ۱۶۹ | ۳۲ | السجدة | ۷۱۸ |
| ۶ | الانعام | ۲۰۳ | ۳۳ | الاحزاب | ۷۲۴ |
| ۷ | الاعراف | ۲۴۲ | ۳۴ | سبا | ۷۴۰ |
| ۸ | الانفال | ۲۸۵ | ۳۵ | فاطر | ۷۵۳ |
| ۹ | التوبة | ۳۰۲ | ۳۶ | يٰسٓ | ۷۶۳ |
| ۱۰ | يونس | ۳۳۳ | ۳۷ | الصّٰفّٰت | ۷۷۴ |
| ۱۱ | هود | ۳۵۹ | ۳۸ | صٓ | ۷۸۹ |
| ۱۲ | يوسف | ۳۸۷ | ۳۹ | زمر | ۸۰۱ |
| ۱۳ | الرعد | ۴۱۳ | ۴۰ | المؤمن | ۸۱۶ |
| ۱۴ | ابراهيم | ۴۲۵ | ۴۱ | حٰمٓ السجدة | ۸۳۲ |
| ۱۵ | الحجر | ۴۳۷ | ۴۲ | الشورٰى | ۸۴۳ |
| ۱۶ | النحل | ۴۴۸ | ۴۳ | الزخرف | ۸۵۴ |
| ۱۷ | بني اسرائيل | ۴۷۶ | ۴۴ | الدخان | ۸۶۷ |
| ۱۸ | الكهف | ۴۹۹ | ۴۵ | الجاثية | ۸۷۳ |
| ۱۹ | مريم | ۵۲۳ | ۴۶ | الاحقاف | ۸۸۰ |
| ۲۰ | طٰهٰ | ۵۳۷ | ۴۷ | محمّد | ۸۸۹ |
| ۲۱ | الانبياء | ۵۵۸ | ۴۸ | الفتح | ۸۹۷ |
| ۲۲ | الحج | ۵۷۵ | ۴۹ | الحجرات | ۹۰۵ |
| ۲۳ | المومنون | ۵۹۱ | ۵۰ | قٓ | ۹۱۰ |
| ۲۴ | النور | ۶۰۶ | ۵۱ | الذّٰريٰت | ۹۱۶ |
| ۲۵ | الفرقان | ۶۲۱ | ۵۲ | الطور | ۹۲۲ |
| ۲۶ | الشعراء | ۶۳۳ | ۵۳ | النجم | ۹۲۷ |
| ۲۷ | النمل | ۶۵۴ | ۵۴ | القمر | ۹۳۳ |

| شمار | سورت | صفحه | شمار | سورت | صفحه |
|---|---|---|---|---|---|
| ۵۵ | الرحمٰن | ۹۳۹ | ۸۵ | البروج | ۱۰۶۵ |
| ۵۶ | الواقعة | ۹۴۶ | ۸۶ | الطارق | ۱۰۶۸ |
| ۵۷ | الحديد | ۹۵۳ | ۸۷ | الاعلیٰ | ۱۰۶۹ |
| ۵۸ | المجادلة | ۹۶۰ | ۸۸ | الغاشية | ۱۰۷۱ |
| ۵۹ | الحشر | ۹۶۶ | ۸۹ | الفجر | ۱۰۷۳ |
| ۶۰ | الممتحنة | ۹۷۲ | ۹۰ | البلد | ۱۰۷۶ |
| ۶۱ | الصف | ۹۷۷ | ۹۱ | الشمس | ۱۰۷۷ |
| ۶۲ | الجمعة | ۹۸۰ | ۹۲ | الليل | ۱۰۷۹ |
| ۶۳ | المنافقون | ۹۸۳ | ۹۳ | الضحیٰ | ۱۰۸۱ |
| ۶۴ | التغابن | ۹۸۶ | ۹۴ | الانشراح | ۱۰۸۲ |
| ۶۵ | الطلاق | ۹۹۰ | ۹۵ | التين | ۱۰۸۳ |
| ۶۶ | التحريم | ۹۹۴ | ۹۶ | العلق | ۱۰۸۴ |
| ۶۷ | الملك | ۹۹۸ | ۹۷ | القدر | ۱۰۸۶ |
| ۶۸ | القلم | ۱۰۰۳ | ۹۸ | البيّنة | ۱۰۸۷ |
| ۶۹ | الحآقة | ۱۰۰۸ | ۹۹ | الزلزال | ۱۰۸۸ |
| ۷۰ | المعارج | ۱۰۱۳ | ۱۰۰ | العاديات | ۱۰۸۹ |
| ۷۱ | نوح | ۱۰۱۷ | ۱۰۱ | القارعة | ۱۰۹۰ |
| ۷۲ | الجن | ۱۰۲۱ | ۱۰۲ | التكاثر | ۱۰۹۱ |
| ۷۳ | المزمّل | ۱۰۲۵ | ۱۰۳ | العصر | ۱۰۹۲ |
| ۷۴ | المدثّر | ۱۰۲۸ | ۱۰۴ | الهمزة | ۱۰۹۳ |
| ۷۵ | القيمة | ۱۰۳۳ | ۱۰۵ | الفيل | ۱۰۹۴ |
| ۷۶ | الدهر | ۱۰۳۷ | ۱۰۶ | قريش | ۱۰۹۵ |
| ۷۷ | المرسلٰت | ۱۰۴۱ | ۱۰۷ | الماعون | ۱۰۹۵ |
| ۷۸ | النباء | ۱۰۴۵ | ۱۰۸ | الكوثر | ۱۰۹۶ |
| ۷۹ | النّزعٰت | ۱۰۴۹ | ۱۰۹ | الكٰفرون | ۱۰۹۷ |
| ۸۰ | عبس | ۱۰۵۳ | ۱۱۰ | النصر | ۱۰۹۷ |
| ۸۱ | التكوير | ۱۰۵۶ | ۱۱۱ | اللهب | ۱۰۹۸ |
| ۸۲ | الانفطار | ۱۰۵۸ | ۱۱۲ | الاخلاص | ۱۰۹۹ |
| ۸۳ | التطفيف | ۱۰۶۰ | ۱۱۳ | الفلق | ۱۰۹۹ |
| ۸۴ | الانشقاق | ۱۰۶۳ | ۱۱۴ | الناس | ۱۱۰۰ |

## سُوْرَةُ الْفَاتِحَةِ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ مَعَ الْبَسْمَلَةِ سَبْعُ اٰيَاتٍ

سورت فاتحه - هيءَ سورت مڪي آهي ۽ بسم الله سميت هن جون ست آيتون آهن.

---

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ①

١- (مان) الله جو نالو وٺي جيڪو بيحد ڪرم ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي (پڙهانئو)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ②

٢- هر (قسم جي) تعريف جو الله ئي مستحق آهي (جو) سڀني جهانن جو پالڻهار (آهي).

الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ③

٣- بيحد ڪرم ڪرڻ وارو بار بار رحم ڪرڻ وارو.

مٰلِكِ يَوْمِ الدِّيْنِ ④

٤- (۽) جزا سزا جي وقت جو مالڪ آهي.

اِيَّاكَ نَعْبُدُ وَاِيَّاكَ نَسْتَعِيْنُ ⑤

٥- (اي خدا!) اسان تنهنجي ئي عبادت ڪريون ٿا ۽ توکان ئي مدد گهرون ٿا.

اِهْدِنَا الصِّرَاطَ الْمُسْتَقِيْمَ ⑥

٦- اسانکي سڌي رستي تي هلاءِ.

صِرَاطَ الَّذِيْنَ اَنْعَمْتَ عَلَيْهِمْ ۙ غَيْرِ الْمَغْضُوْبِ عَلَيْهِمْ وَلَا الضَّآلِّيْنَ ⑦ ع

٧- انهن ماڻهن جي راهه تي جن تي تو انعام ڪيو آهي، جن تي نه ته (بعد ۾ تنهنجو) غضب نازل ٿيو (آهي) ۽ نه اهي (آخر ۾) گمراهه (ٿي ويا) آهن.

## سُوْرَةُ الْبَقَرَةِ مَدَنِيَّةٌ وَّهِيَ مَعَ الْبَسْمَلَةِ مِائَتَانِ وَّسَبْعٌ وَّثَمَانُوْنَ اٰيَةً وَّاَرْبَعُوْنَ رُكُوْعًا

سورت بقره - هيءَ سورت مدني آهي ۽ بسم الله سميت هن جون ٻه سئو ستاسي آيتون آهن ۽ چاليهه رڪوع آهن.

---

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ①

١- (مان) الله جو نالو وٺي جيڪو بيحد ڪرم ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي (پڙهانٿو)

الٓمّٓ ②

٢- مان الله سڀني کان وڌيڪ ڄاڻڻ وارو آهيان.

الجزء ١

معانقة عند المتأخرين

ذٰلِكَ الْكِتٰبُ لَا رَيْبَ ۛ فِيْهِ ۛ هُدًى لِّلْمُتَّقِيْنَ ③

٣- هيءَ ئي ڪامل ڪتاب آهي هن (ڳالهه) ۾ ڪو به شڪ نه آهي (ته) متقين کي هدايت ڏيندڙ آهي.

الَّذِيْنَ يُؤْمِنُوْنَ بِالْغَيْبِ وَيُقِيْمُوْنَ الصَّلٰوةَ وَمِمَّا رَزَقْنٰهُمْ يُنْفِقُوْنَ ④

٤- جيڪي غيب تي ايمان آڻين ٿا ۽ نماز کي قائم ڪن ٿا ۽ جيڪي (ڪجهه) اسان انهن کي ڏنو آهي انهيءَ مان خرچ ڪندا رهن ٿا.

وَالَّذِيْنَ يُؤْمِنُوْنَ بِمَآ اُنْزِلَ اِلَيْكَ وَمَآ اُنْزِلَ مِنْ قَبْلِكَ ۚ وَبِالْاٰخِرَةِ هُمْ يُوْقِنُوْنَ ⑤

٥- ۽ جيڪو توتي نازل ڪيو ويو آهي يا جيڪو توکان پهرين نازل ڪيو ويو هو انهيءَ تي ايمان آڻين ٿا ۽ آئيندي ٿيڻ وارين (واعدو ڪيل ڳالهين) تي (به) يقين رکن ٿا.

اُولٰٓئِكَ عَلٰى هُدًى مِّنْ رَّبِّهِمْ ۙ وَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ ⑥

٦- اهي ماڻهو (يقينن) انهيءَ هدايت تي (قائم) آهن جيڪا انهن جي رب جي طرفان (آئي) آهي ۽ اهي ئي ماڻهو ڪامياب ٿيڻ وارا آهن.

اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا سَوَآءٌ عَلَيْهِمْ ءَاَنْذَرْتَهُمْ اَمْ لَمْ تُنْذِرْهُمْ لَا يُؤْمِنُوْنَ ⑦

٧- اهڙا ماڻهو جن ڪفر ڪيو آهي (۽) تنهن جو انهن کي ڊيڄارڻ يا نه ڊيڄارڻ انهن لاءِ هڪ جهڙو (اثر پيدا ڪندڙ) آهي (جيستائين هو انهيءَ حالت کي نه بدلائيندا) ايمان نه

تباهه ڪرڻ وارو آهي.

يَكَادُ الْبَرْقُ يَخْطَفُ أَبْصَارَهُمْ ۖ كُلَّمَا أَضَاءَ لَهُم مَّشَوْا فِيهِ وَإِذَا أَظْلَمَ عَلَيْهِمْ قَامُوا ۚ وَلَوْ شَاءَ اللَّهُ لَذَهَبَ بِسَمْعِهِمْ وَأَبْصَارِهِمْ ۚ إِنَّ اللَّهَ عَلَىٰ كُلِّ شَيْءٍ قَدِيرٌ ﴿٢١﴾

٢١. جلدئي ڪنوڻ انهن جو نور ڇڻ ڪري ڇڏي، جڏهين به اها منن چمڪاٽ ٿي ڪري ته اهي انجي (روشنيءَ) ۾ هلڻ لڳن ٿا ۽ جڏهين انهن تي اونده ڪري ٿي ته بيهي رهن ٿا ۽ جيڪڏهين الله چاهي ها ته يقينن انهن جي ٻڌڻ ۽ انهن جي نظر ختم ڪري ڇڏي ها، يقينن الله هر (انهيءَ) امر تي (جنهنجو هو ارادو ڪري ٿو) پوري طرح قدرت رکي ٿو.

يَا أَيُّهَا النَّاسُ اعْبُدُوا رَبَّكُمُ الَّذِي خَلَقَكُمْ وَالَّذِينَ مِن قَبْلِكُمْ لَعَلَّكُمْ تَتَّقُونَ ﴿٢٢﴾

٢٢. اي انسانو ! پنهن جي (انهيءَ) رب جي عبادت ڪريو جنهن توهانکي (به) ۽ انهن کي (به) جيڪي توهان کان پهرين گذري ويا آهن پيدا ڪيو آهي ته (هر قسم جي مصيبت کان) بچو.

الَّذِي جَعَلَ لَكُمُ الْأَرْضَ فِرَاشًا وَالسَّمَاءَ بِنَاءً وَأَنزَلَ مِنَ السَّمَاءِ مَاءً فَأَخْرَجَ بِهِ مِنَ الثَّمَرَاتِ رِزْقًا لَّكُمْ ۖ فَلَا تَجْعَلُوا لِلَّهِ أَندَادًا وَأَنتُمْ تَعْلَمُونَ ﴿٢٣﴾

٢٣. (اهوئي آهي) جنهن توهان لاءِ زمين کي بطور فرش ۽ آسمان کي ڇت طور بنايو آهي ۽ ڪڪرن مان پاڻي لاٿو آهي پوءِ انهيءَ (پاڻيءَ) جي ذريعي ميون جهڙو رزق اوهان لاءِ پيدا ڪيو آهي پوءِ توهان ڄاڻي ٻجهي الله جا مٽ ٿاني نه بنايو.

وَإِن كُنتُمْ فِي رَيْبٍ مِّمَّا نَزَّلْنَا عَلَىٰ عَبْدِنَا فَأْتُوا بِسُورَةٍ مِّن مِّثْلِهِ وَادْعُوا شُهَدَاءَكُم مِّن دُونِ اللَّهِ إِن كُنتُمْ صَادِقِينَ ﴿٢٤﴾

٢٤. ۽ جيڪڏهين توهان هن (ڪلام) جي سببان جيڪو اسان پنهنجي ٻانهي تي نازل ڪيو آهي ڪنهن به (قسم جي) شڪ ۾ (مبتلا ٿي ويا) آهيو ته جيڪڏهين توهان سچا آهيو ته انهيءَ جهڙي هڪ سورت آڻي ڏيکاريو ۽ پنهنجي غير الله مددگارن کي (به پنهنجي مدد لاءِ) سڏيو.

فَإِن لَّمْ تَفْعَلُوا وَلَن تَفْعَلُوا فَاتَّقُوا النَّارَ الَّتِي وَقُودُهَا

٢٥. ۽ جيڪڏهن توهان ائين نه ڪيو ۽ توهان هرگز (ائين) نه ڪري سگهندو ته انهيءَ

النَّاسُ وَالْحِجَارَةُ ۖ أُعِدَّتْ لِلْكَافِرِينَ ﴿٢٤﴾

باهه کان بچو جنهن جو ٻارڻ ماڻهو ۽ پٿر آهن. اها ڪافرن لاءِ تيار ڪئي ويئي آهي.

وَبَشِّرِ الَّذِينَ آمَنُوا وَعَمِلُوا الصَّالِحَاتِ أَنَّ لَهُمْ جَنَّاتٍ تَجْرِي مِن تَحْتِهَا الْأَنْهَارُ ۖ كُلَّمَا رُزِقُوا مِنْهَا مِن ثَمَرَةٍ رِّزْقًا ۙ قَالُوا هَٰذَا الَّذِي رُزِقْنَا مِن قَبْلُ ۖ وَأُتُوا بِهِ مُتَشَابِهًا ۖ وَلَهُمْ فِيهَا أَزْوَاجٌ مُّطَهَّرَةٌ ۖ وَهُمْ فِيهَا خَالِدُونَ ﴿٢٥﴾

٢٦. ۽ تون انهن ماڻهن کي خوش خبري ٻڌاءِ جن ايمان آندو آهي ۽ نيڪ عمل ڪيا آهن انهن لاءِ اهڙا باغ آهن جن جي هيٺان نهرون وهن ٿيون. جڏهين به انهن (باغن) جي ميوي مان ڪجهه رزق انهن کي ڏنو ويندو ته اهي چوندا (ته) هيءَ ته اهوئي (رزق) آهي جو اسانکي هن کان پهرين ڏنو ويو هو. ۽ انهن وٽ اهو (رزق) ملندڙ جلندڙ آندو ويندو ۽ انهن لاءِ انهن (باغن) ۾ پاڪ جوڙا هوندا ۽ اهي انهن (باغن) ۾ هميشه رهندا.

إِنَّ اللَّهَ لَا يَسْتَحْيِي أَن يَضْرِبَ مَثَلًا مَّا بَعُوضَةً فَمَا فَوْقَهَا ۚ فَأَمَّا الَّذِينَ آمَنُوا فَيَعْلَمُونَ أَنَّهُ الْحَقُّ مِن رَّبِّهِمْ ۖ وَأَمَّا الَّذِينَ كَفَرُوا فَيَقُولُونَ مَاذَا أَرَادَ اللَّهُ بِهَٰذَا مَثَلًا ۘ يُضِلُّ بِهِ كَثِيرًا وَيَهْدِي بِهِ كَثِيرًا ۚ وَمَا يُضِلُّ بِهِ إِلَّا الْفَاسِقِينَ ﴿٢٦﴾

٢٧. الله ڪڏهين به ڪنهن ڳالهه ڪرڻ ۾ نٿو رڪجي ڪٺي اها مڇر جي برابر هجي يا ان کان (به) وڌيڪ هجي. پوءِ جيڪي ماڻهو ايمان آڻين ٿا اهي (ته) ڄاڻن ٿا ته اها الله جي طرفان بلڪل حق (ڳالهه) آهي ۽ جيڪي ماڻهو ڪافر آهن اهي چون ٿا ته (آخر) الله کي انهيءَ ڳالهه بيان ڪرڻ جي منشا ڪهڙي آهي؟ (اصل ڳالهه هيءَ آهي ته) هو گهڻن (ماڻهن) کي انهيءَ (قرآن) جي وسيلي گمراهه ٿو قرار ڏئي ۽ گهڻن (ماڻهن) کي انهيءَ (قرآن) جي وسيلي هدايت ٿو ڏئي ۽ انهيءَ جي ذريعي سان نافرمانن کانسواءِ ڪنهن کي به گمراهه قرار نٿو ڏئي.

الَّذِينَ يَنقُضُونَ عَهْدَ اللَّهِ مِن بَعْدِ مِيثَاقِهِ وَيَقْطَعُونَ مَا أَمَرَ اللَّهُ بِهِ أَن يُوصَلَ وَيُفْسِدُونَ فِي الْأَرْضِ ۚ أُولَٰئِكَ هُمُ الْخَاسِرُونَ ﴿٢٧﴾

٢٨. جيڪي الله جي عهد کي پڪي ڪرڻ بعد ٽوڙين ٿا ۽ اها شيءِ جنهن کي الله ڳنڍڻ جو حڪم ڏنو آهي ڇنن ٿا ۽ زمين تي فساد ڪن ٿا اهي ئي ماڻهو نقصان پائڻ وارا آهن.

قَالُوا سُبْحٰنَكَ لَا عِلْمَ لَنَآ اِلَّا مَا عَلَّمْتَنَا ۭ اِنَّكَ اَنْتَ الْعَلِيْمُ الْحَكِيْمُ ﴿٣٣﴾

٣٣- انهن چيو تہ تون بي عيب آهين جو (ڪجهہ) تو اسان کي سيکاريو آهي انهيءَ کان سواءِ اسان کي ڪنهن بہ قسم جو علم ڪونهي. يقينَ تون ئي ڪامل علم وارو (هر قول ۽ فعل ۾) حڪمت کي مد نظر رکڻ وارو آهين.

قَالَ يٰٓاٰدَمُ اَنْۢبِئْهُمْ بِاَسْمَاۗىِٕهِمْ ۚ فَلَمَّآ اَنْۢبَاَهُمْ بِاَسْمَاۗىِٕهِمْ ۙ قَالَ اَلَمْ اَقُلْ لَّكُمْ اِنِّىْٓ اَعْلَمُ غَيْبَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۙ وَاَعْلَمُ مَا تُبْدُوْنَ وَمَا كُنْتُمْ تَكْتُمُوْنَ ﴿٣٤﴾

٣٤- (انهيءَ تي الله) فرمايو ـ اي آدم ! انهن فرشتن کي انهن جا نالا ٻڌاءِ پوءِ جڏهين انهيءَ (يعني آدم) انهن کي انهن جا نالا ٻڌايا (تہ) فرمايائين ڇا مون توهان کي نہ چيو هو تہ يقينَ مان آسمانن ۽ زمين جي ڳجهين ڳالهين کي ڄاڻائو ۽ مان (انکي بہ) ڄاڻان ٿو جيڪي توهان ظاهر ڪريو ٿا ۽ (انکي بہ) جو توهان لڪايو ٿا.

وَاِذْ قُلْنَا لِلْمَلٰۗىِٕكَةِ اسْجُدُوْا لِاٰدَمَ فَسَجَدُوْٓا اِلَّآ اِبْلِيْسَ ۭ اَبٰى وَاسْتَكْبَرَ ڭ وَكَانَ مِنَ الْكٰفِرِيْنَ ﴿٣٥﴾

٣٥- ۽ (انهيءَ وقت کي بہ ياد ڪريو) جڏهين اسان فرشتن کي چيو تہ آدم جي فرمانبرداري ڪيو. انهيءَ تي انهن تہ فرمانبرداري ڪئي پر ابليس (نہ ڪئي هن) انڪار ڪيو ۽ تڪبر ڪيو ۽ هو (پهرينءَ ئي) ڪافرن مان هو.

وَقُلْنَا يٰٓاٰدَمُ اسْكُنْ اَنْتَ وَزَوْجُكَ الْجَنَّةَ وَكُلَا مِنْهَا رَغَدًا حَيْثُ شِئْتُمَا ۠ وَلَا تَقْرَبَا هٰذِهِ الشَّجَرَةَ فَتَكُوْنَا مِنَ الظّٰلِمِيْنَ ﴿٣٦﴾

٣٦- ۽ اسان (آدم کي) چيو (تہ) اي آدم ! تون ۽ تنهنجي زال جنت ۾ رهو ۽ انهيءَ مان جتان وڻيو آزاديءَ سان کائو پر انهيءَ (يعني فلاڻي) وڻ کي ويجها نہ وڃجو. نہ تہ توهان ظالمن مان ٿي پوندو.

فَاَزَلَّهُمَا الشَّيْطٰنُ عَنْهَا فَاَخْرَجَهُمَا مِمَّا كَانَا فِيْهِ ۠ وَقُلْنَا اهْبِطُوْا بَعْضُكُمْ لِبَعْضٍ عَدُوٌّ ۚ وَلَكُمْ فِى الْاَرْضِ مُسْتَقَرٌّ وَّمَتَاعٌ اِلٰى حِيْنٍ ﴿٣٧﴾

٣٧- ۽ (انهيءَ ڪانپوءِ هيئنئن ٿيو تہ) شيطان انهيءَ (وڻ) جي ذريعي انهن (ٻنهي) کي (انهن جي رتبي کان) هٽائي ڇڏيو ۽ (اهڙيءَ طرح) انهي انهن کي انهيءَ (حالت) کان جنهن ۾ هو هئا ڪڍي ڇڏيو ۽ اسان (انهن

کي) چيو (ته هتان) نڪري وڃو. توهان مان
ڪي ڪن جا دشمن آهن ۽ (ياد رکو ته)
توهان لاءِ هڪ (مقرر ٿيل) مدت تائين انهيءَ
زمين ۾ جاءِ رهائش معيشت جو سامان
(مقدر) آهي.

فَتَلَقّٰىٓ اٰدَمُ مِنْ رَّبِّهٖ كَلِمٰتٍ فَتَابَ عَلَيْهِ ۭ اِنَّهٗ هُوَ التَّوَّابُ الرَّحِيْمُ ۝٣٨

٣٨. انهيءَ کانپوءِ آدم پنهنجي رب کان
ڪجهه (دعائن جا) ڪلما سکيا (۽ انهن
جي مطابق دعا گهري) ته هو ان ڏانهن
(وري فضل سان) متوجه ٿيو يقينن اهو ئي
(ٻانهن جي مصيبت وقت) تمام گهڻو ڌيان
ڏيڻ وارو ۽ باز بار رحم ڪرڻ وارو آهي.

قُلْنَا اهْبِطُوْا مِنْهَا جَمِيْعًا ۚ فَاِمَّا يَاْتِيَنَّكُمْ مِّنِّىْ هُدًى فَمَنْ تَبِعَ هُدَاىَ فَلَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ۝٣٩

٣٩. (تڏهين) اسان چيو (وڃو) سڀئي هن مان
نڪري وڃو ۽ (ياد رکو ته) جيڪڏهين ٻيهر
ڪڏهين توهان وٽ منهنجي طرفان ڪا هدايت
اچي ته جيڪي ماڻهو منهنجي هدايت جي
پيروي ڪندا انهن کي نه ڪڏهين (آئنده جو)
خوف ٿيندو ۽ نه هو گذريل ڪوتاهيءَ تي
غمگين ٿيندا.

وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَكَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَآ اُولٰۗىِٕكَ اَصْحٰبُ النَّارِ ۚ هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ۝٤٠ ع

٤٠. ۽ جيڪي (ماڻهو) ڪفر ڪندا ۽ اسانجي
آيتن کي ڪوڙو ڪندا اهي (ضرور) دوزخ (۾
پوڻ) وارا آهن اهي انهيءَ ۾ هميشه رهندا
ايندا.

يٰبَنِىْٓ اِسْرَاۗءِيْلَ اذْكُرُوْا نِعْمَتِىَ الَّتِىْٓ اَنْعَمْتُ عَلَيْكُمْ وَاَوْفُوْا بِعَهْدِىْٓ اُوْفِ بِعَهْدِكُمْ ۚ وَاِيَّاىَ فَارْهَبُوْنِ ۝٤١

٤١. اي بني اسرائيل! منهنجي انهيءَ احسان
کي ياد ڪيو جيڪو مان توهان تي ڪري
چڪو آهيان ۽ توهان مون (سان جيڪو) عهد
(ڪيو هو انهيءَ) کي پورو ڪيو تڏهين مان
اهو عهد پورو ڪندس جو مون توهان سان
ڪيو هو ۽ مون کان (ئي) (ڊڄو) وري (مان
چوان ٿو ته) مون کان (ئي) ڊڄو.

وَاٰمِنُوْا بِمَآ اَنْزَلْتُ مُصَدِّقًا لِّمَا مَعَكُمْ وَلَا تَكُوْنُوْٓا

٤٢. ۽ هن (ڪلام) تي ايمان آڻيو جيڪو

وَاتَّقُوْا يَوْمًا لَّا تَجْزِىْ نَفْسٌ عَنْ نَّفْسٍ شَيْـًٔا وَّلَا يُقْبَلُ مِنْهَا شَفَاعَةٌ وَّلَا يُؤْخَذُ مِنْهَا عَدْلٌ وَّلَا هُمْ يُنْصَرُوْنَ ﴿۴۹﴾

۴۹. ۽ انهيءَ ڏينهن کان ڊڄو جو (جنهن ڏينهن) ڪوبہ شخص ڪنهن ٻئي شخص جو جاءِ نشين نہ بنجي سگهندو ۽ نہ انهيءَ جي طرف کان ڪابہ سفارش منظور ڪئي ويندي ۽ نہ انهيءَ کان (ڪنهن بہ قسم جو) عيوض قبول ڪيو ويندو ۽ نہ انهن جي مدد ڪئي ويندي.

وَاِذْ نَجَّيْنٰكُمْ مِّنْ اٰلِ فِرْعَوْنَ يَسُوْمُوْنَكُمْ سُوْٓءَ الْعَذَابِ يُذَبِّحُوْنَ اَبْنَآءَكُمْ وَيَسْتَحْيُوْنَ نِسَآءَكُمْ وَفِىْ ذٰلِكُمْ بَلَآءٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ عَظِيْمٌ ﴿۵۰﴾

۵۰. ۽ (انهيءَ وقت کي بہ ياد ڪيو) جڏهين اسان توهان کي فرعون جي قوم کان اهڙيءَ حالت ۾ ڇوٽڪارو ڏنو جو اها توهانکي بدترين عذاب ڏيئي رهي هئي. توهانجي ٻارن کي قتل ڪري ڇڏيندي هئي ۽ توهانجي زالن کي زندهہ رکندي هئي ۽ توهان جي رب جي طرفان انهيءَ (ڳالهہ) ۾ (توهان لاءِ) هڪ وڏي آزمائش هئي.

وَاِذْ فَرَقْنَا بِكُمُ الْبَحْرَ فَاَنْجَيْنٰكُمْ وَاَغْرَقْنَآ اٰلَ فِرْعَوْنَ وَاَنْتُمْ تَنْظُرُوْنَ ﴿۵۱﴾

۵۱. ۽ (انهيءَ وقت کي بہ ياد ڪيو) جڏهين اسان توهان لاءِ سمنڊ کي چيريو ۽ پوءِ اسان توهان کي ڇوٽڪارو ڏنو ۽ توهانجي اکين جي سامهون فرعون جي قوم کي ٻوڙي ڇڏيو.

وَاِذْ وٰعَدْنَا مُوْسٰٓى اَرْبَعِيْنَ لَيْلَةً ثُمَّ اتَّخَذْتُمُ الْعِجْلَ مِنْۢ بَعْدِهٖ وَاَنْتُمْ ظٰلِمُوْنَ ﴿۵۲﴾

۵۲. ۽ (انهيءَ وقت کي بہ ياد ڪيو) جڏهين اسان موسيٰ سان چاليهن راتين جو واعدو ڪيو. پوءِ توهان انهيءَ جي (وڃڻ) کانپوءِ ظالم بنجي ڳابي کي (معبود) بنايو.

ثُمَّ عَفَوْنَا عَنْكُمْ مِّنْۢ بَعْدِ ذٰلِكَ لَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ ﴿۵۳﴾

۵۳. پوءِ اسان ان بعد (بہ) توهانکي معاف ڪري ڇڏيو انهيءَ لاءِ تہ توهان شڪر گذار بنجو.

وَاِذْ اٰتَيْنَا مُوْسَى الْكِتٰبَ وَالْفُرْقَانَ لَعَلَّكُمْ تَهْتَدُوْنَ ﴿۵۴﴾

۵۴. ۽ (انهيءَ وقت کي بہ ياد ڪيو) جڏهين اسان موسيٰ کي ڪتاب (يعني تورات) ۽ فرقان (يعني معجزا) ڏنا تہ توهان هدايت حاصل ڪيو.

وَاِذْ قَالَ مُوْسٰى لِقَوْمِهٖ يٰقَوْمِ اِنَّكُمْ ظَلَمْتُمْ اَنْفُسَكُمْ
بِاتِّخَاذِكُمُ الْعِجْلَ فَتُوْبُوْٓا اِلٰى بَارِىِٕكُمْ فَاقْتُلُوْٓا اَنْفُسَكُمْ
ذٰلِكُمْ خَيْرٌ لَّكُمْ عِنْدَ بَارِىِٕكُمْ فَتَابَ عَلَيْكُمْ اِنَّهٗ هُوَ
التَّوَّابُ الرَّحِيْمُ ﴿٥٥﴾

٥٥- ۽ (انهيءَ وقتْ کي بہ ياد ڪيو) جڏهين موسيٰ پنهنجي قوم کي چيو تہ اي منهن جي قوم (جا مائهو) توهان ڳابي کي (معبود) بنائي يقينَ پنهنجي جان تي ظلم ڪيو آهي، تنهنڪري توهان پنهنجي پيدا ڪرڻ واري ڌانهن جهڪو ۽ هر ڪو شخص پنهن جي پاڻ کي قتل ڪري ڇڏي. هي ڳالهہ توهانجي پيدا ڪندڙ وٽ توهان جي حق ۾ تمام سٺي آهي. (جڏهين توهان ائين ڪيو) تڏهين انهيءَ توهان ڌانهن فضل سان وري ڌيان ڏنو. اهو يقينَ (پنهن جي ٻانهن ڌانهن) گهڻو ڌيان ڏيڻ وارو بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي.

وَاِذْ قُلْتُمْ يٰمُوْسٰى لَنْ نُّؤْمِنَ لَكَ حَتّٰى نَرَى اللّٰهَ جَهْرَةً
فَاَخَذَتْكُمُ الصّٰعِقَةُ وَاَنْتُمْ تَنْظُرُوْنَ ﴿٥٦﴾

٥٦- ۽ (انهيءَ وقت کي بہ ياد ڪيو) جڏهين توهان چيو هو تہ اي موسيٰ ! اسين تنهنجي ڳالهہ هرگز نہ مڃينداسين جيستائين اسان الله کي آمهون سامهون نہڏسون. انهيءَ تي توهان کي هڪ ماريندڙ عذاب اچي پڪڙيو ۽ توهان (پنهنجي اکين سان پنهنجي ڪني جي پچاڙي) ڏسي رهيا هئا.

ثُمَّ بَعَثْنٰكُمْ مِّنْۢ بَعْدِ مَوْتِكُمْ لَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ ﴿٥٧﴾

٥٧- پوءِ اسان توهانجي تباهيءَ کانپوءِ توهانکي انهيءَ لاءِ اٿاريو تہ توهان شڪر گذار بڻجو.

وَظَلَّلْنَا عَلَيْكُمُ الْغَمَامَ وَاَنْزَلْنَا عَلَيْكُمُ الْمَنَّ وَ
السَّلْوٰى كُلُوْا مِنْ طَيِّبٰتِ مَا رَزَقْنٰكُمْ وَمَا ظَلَمُوْنَا وَ
لٰكِنْ كَانُوْٓا اَنْفُسَهُمْ يَظْلِمُوْنَ ﴿٥٨﴾

٥٨- ۽ اسان توهانجي مٿان ڪڪرن جي ڇانو ڪئي ۽ توهانجي لاءِ من وسلويٰ لاٿا (۽ چيوسين تہ) انهن پاڪ شين مان جيڪي اسان توهان کي ڏنيون آهن کائو. ۽ انهن (نافرماني ڪري) اسان جو نقصان نہ ڪيو بلڪ اهي پنهنجو ئي نقصان ڪري رهيا هئا.

وَاِذْ قُلْنَا ادْخُلُوْا هٰذِهِ الْقَرْيَةَ فَكُلُوْا مِنْهَا حَيْثُ شِئْتُمْ

٥٩- ۽ (انهيءَ وقت کي بہ ياد ڪيو) جڏهن اسان چيو هو تہ انهيءَ ڳوٺ ۾ داخل ٿي وڃو

رَغَدًا وَّادْخُلُوا الْبَابَ سُجَّدًا وَّقُوْلُوْا حِطَّةٌ نَّغْفِرْ لَكُمْ خَطٰيٰكُمْ ۚ وَسَنَزِيْدُ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿٥٩﴾

۽ انهيءَ مان جتان وڻيو آزاديءَ سان کائو ۽ (انهيءَ جي) دروازي ۾ پوري فرمانبرداري ڪندي داخل ٿيو ۽ چوندا وڃو. (ته اسان) بار هلڪي ڪرڻ جي التجا (ڪيون ٿا، تڏهن) اسان توهانجي گناهن کي بلڪل معاف ڪري ڇڏينداسين ۽ اسان محسنن کي ضرور وڌائينداسين.

فَبَدَّلَ الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا قَوْلًا غَيْرَ الَّذِيْ قِيْلَ لَهُمْ فَاَنْزَلْنَا عَلَى الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا رِجْزًا مِّنَ السَّمَآءِ بِمَا كَانُوْا يَفْسُقُوْنَ ﴿٦٠﴾ ع

٦٠- پوءِ (انهن جي شرارت ڏسو ته) ظالمن انجي ڳالهه جي خلاف جيڪا انهن کي چئي وئي هئي هڪ ٻي ڳالهه بدلائي (چوڻ شروع ڪري) ڏني جنهن تي اسان انهن ماڻهن تي جن ظلم ڪيو هو انهن جي نافرمان هئڻ سبب آسمان مان هڪ عذاب نازل ڪيو.

وَاِذِ اسْتَسْقٰى مُوْسٰى لِقَوْمِهٖ فَقُلْنَا اضْرِبْ بِّعَصَاكَ الْحَجَرَ ۗ فَانْفَجَرَتْ مِنْهُ اثْنَتَا عَشْرَةَ عَيْنًا ۗ قَدْ عَلِمَ كُلُّ اُنَاسٍ مَّشْرَبَهُمْ ۗ كُلُوْا وَاشْرَبُوْا مِنْ رِّزْقِ اللّٰهِ وَلَا تَعْثَوْا فِى الْاَرْضِ مُفْسِدِيْنَ ﴿٦١﴾

٦١- ۽ (انهيءَ وقت کي به ياد ڪيو) جڏهن موسيٰ پنهنجي قوم لاءِ پاڻي گهريو ته اسان (انهيءَ کي) چيو ته پنهنجي لٺ فلاڻي پٿر تي هڻ. انهيءَ ڪري ان مان ٻارنهن چشما ڦٽي پيا (۽) هر هڪ ٽولي پنهنجي گهاٽ کي سڃاتو (تڏهن انهن کي چيو ويو ته) الله جي رزق مان کائو ۽ پيو ۽ فسادي بڻجي زمين ۾ خرابي پيدا نه ڪيو.

وَاِذْ قُلْتُمْ يٰمُوْسٰى لَنْ نَّصْبِرَ عَلٰى طَعَامٍ وَّاحِدٍ فَادْعُ لَنَا رَبَّكَ يُخْرِجْ لَنَا مِمَّا تُنْۢبِتُ الْاَرْضُ مِنْۢ بَقْلِهَا وَقِثَّآئِهَا وَفُوْمِهَا وَعَدَسِهَا وَبَصَلِهَا ۗ قَالَ اَتَسْتَبْدِلُوْنَ الَّذِيْ هُوَ اَدْنٰى بِالَّذِيْ هُوَ خَيْرٌ ۗ اِهْبِطُوْا مِصْرًا فَاِنَّ لَكُمْ مَّا سَاَلْتُمْ ۗ وَضُرِبَتْ عَلَيْهِمُ الذِّلَّةُ وَالْمَسْكَنَةُ وَبَآءُوْ بِغَضَبٍ مِّنَ اللّٰهِ ۗ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ كَانُوْا يَكْفُرُوْنَ بِاٰيٰتِ اللّٰهِ وَيَقْتُلُوْنَ النَّبِيّٖنَ بِغَيْرِ الْحَقِّ ۗ ذٰلِكَ بِمَا عَصَوْا وَّكَانُوْا يَعْتَدُوْنَ ﴿٦٢﴾ ع

٦٢- ۽ (انهي وقت کي به ياد ڪيو) جڏهن توهان چيو هو ته اي موسيٰ! اسان رڳو هڪ کاڌي تي صبر نه ڪري سگهنداسين. تنهنڪري تون اسان لاءِ پنهنجي رب کان دعا گهر ته هو اسانجي لاءِ کي اهڙيون شيون جن کي زمين ڄمائي ٿي پيدا ڪري. يعني انهيءَ جون ڀاڄيون، ونگا، ڪڻڪ، مهري ۽ بصر (انهيءَ تي الله) چيو ته ڇا

توهان انهيءَ شيءِ جي بجاءِ جا اعليٰ آهي اها شيءِ وٺڻ چاهيو ٿا جا ادنيٰ آهي. ڪنهن شهر ۾ هليا وڃو (اتي) جيڪي ڪجهه توهان گهريو آهي توهان کي ضرور ملي ويندو. (تڏهن) انهن کي هميشه لاءِ ذليل ۽ بي وس ڪيو ويو ۽ اهي الله جي غضب جو شڪار ٿي ويا. اهو انهيءَ جي ڪري (ٿيو) جو اهي الله جي آيتن جو انڪار ڪندا هئا. ۽ نبين کي ناحق قتل ڪرڻ چاهيندا هئا (۽) هي (گناهه) انهن جي نافرماني ڪرڻ ۽ حد کان ٽپي وڃڻ ڪري (انهن ۾ پيدا ٿي ويو) هو.

إِنَّ الَّذِينَ آمَنُوا وَالَّذِينَ هَادُوا وَالنَّصَارَىٰ وَالصَّابِئِينَ مَنْ آمَنَ بِاللَّهِ وَالْيَوْمِ الْآخِرِ وَعَمِلَ صَالِحًا فَلَهُمْ أَجْرُهُمْ عِندَ رَبِّهِمْ وَلَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُونَ ﴿٦٢﴾

٦٢. جن ماڻهن ايمان آندو آهي ۽ جيڪي يهودي آهن پڻ نصاريٰ ۽ صابي (انهن ۾) جنهن (نولي) بہ الله ۽ آخرت جي ڏينهن تي (ڪامل) ايمان آندو آهي ۽ انهيءَ نيڪ عمل ڪيا آهن يقيناً انهن لاءِ انهن جي رب وٽ انهن جو (مناسب) اجر آهي ۽ انهن کي نہ (تہ مستقبل جي متعلق) ڪنهن قسم جو خوف هوندو ۽ نہ (ماضيءَ تي) اهي غمگين ٿيندا.

وَإِذْ أَخَذْنَا مِيثَاقَكُمْ وَرَفَعْنَا فَوْقَكُمُ الطُّورَ خُذُوا مَا آتَيْنَاكُم بِقُوَّةٍ وَاذْكُرُوا مَا فِيهِ لَعَلَّكُمْ تَتَّقُونَ ﴿٦٣﴾

٦٣. ۽ (انهيءَ وقت کي بہ ياد ڪيو) جڏهن اسان توهان کان پڪو واعدو ورتو هو ۽ طور کي توهانجي مٿان بلندڙ ڪيو هو (۽ چيو هو تہ) جيڪي (ڪجهہ) اسان توهان کي ڏنو آهي انهيءَ کي مضبوطيءَ سان قابو ڪيو ۽ جيڪي بہ انهيءَ ۾ آهي تنهن کي ياد رکو تہ توهان متقي بڻجي وڃو.

ثُمَّ تَوَلَّيْتُم مِّن بَعْدِ ذَٰلِكَ فَلَوْلَا فَضْلُ اللَّهِ عَلَيْكُمْ وَرَحْمَتُهُ لَكُنتُم مِّنَ الْخَاسِرِينَ ﴿٦٤﴾

٦٤. پوءِ انهيءَ (واضح هدايت ملڻ) ڪانپوءِ (بہ) توهان پٺي ڦيري ڇڏي ۽ جيڪڏهن توهان تي الله جو فضل ۽ انجي رحمت نہ

هجي ها تہ توهان ضرور نقصان پائڻ وارن مان ٿي وڃو ها.

وَلَقَدْ عَلِمْتُمُ الَّذِيْنَ اعْتَدَوْا مِنْكُمْ فِي السَّبْتِ فَقُلْنَا لَهُمْ كُوْنُوْا قِرَدَةً خٰسِئِيْنَ ﴿٦٥﴾

٦٦. ۽ توهان انهن ماڻهن جي (پڇاڙيءَ کي) ڄاڻي چڪا آهيو. جن توهان مان (هوندي) سبت جي معاملي ۾ زيادتي ڪئي هئي انهيءَ تي اسان انهن کي چيو هو تہ (وڃو) ذليل باندر بڻجي وڃو.

فَجَعَلْنٰهَا نَكَالًا لِّمَا بَيْنَ يَدَيْهَا وَمَا خَلْفَهَا وَمَوْعِظَةً لِّلْمُتَّقِيْنَ ﴿٦٦﴾

٦٧. پوءِ اسان انهيءَ (واقعي) کي انهن (ماڻهن) لاءِ بہ جيڪي (انهيءَ وقت) موجود هئا ۽ انهيءَ (واقعي) کانپوءِ اچڻ وارن ماڻهن لاءِ بہ (باعث) عبرت ۽ متقين جي لاءِ (باعث) نصيحت بنائي ڇڏيو.

وَاِذْ قَالَ مُوْسٰى لِقَوْمِهٖٓ اِنَّ اللّٰهَ يَاْمُرُكُمْ اَنْ تَذْبَحُوْا بَقَرَةً ۭ قَالُوْٓا اَتَتَّخِذُنَا هُزُوًا ۭ قَالَ اَعُوْذُ بِاللّٰهِ اَنْ اَكُوْنَ مِنَ الْجٰهِلِيْنَ ﴿٦٧﴾

٦٨. ۽ (انهيءَ وقت کي بہ ياد ڪيو تہ) جڏهين موسيٰ پنهنجي قوم کي چيو تہ الله توهان کي ڳئون ذبح ڪرڻ لاءِ حڪم ڏئيٿو. انهن چيو ڇا تون اسان کي مسخري جو نشان بنائينٿو؟ (موسيٰ) چيو مان (انهيءَ ڳالهہ کان) الله جي پناهہ گهران ٿو جو (اهڙو فعل ڪري)جاهلن ۾ شمار ٿي وڃان.

قَالُوا ادْعُ لَنَا رَبَّكَ يُبَيِّنْ لَّنَا مَا هِيَ ۭ قَالَ اِنَّهٗ يَقُوْلُ اِنَّهَا بَقَرَةٌ لَّا فَارِضٌ وَّلَا بِكْرٌ ۭ عَوَانٌۢ بَيْنَ ذٰلِكَ ۭ فَافْعَلُوْا مَا تُؤْمَرُوْنَ ﴿٦٨﴾

٦٩. انهن چيو اسانجي واسطي پنهنجي رب کان دعا گهر تہ هو اسان کي کولي ٻڌائي تہ اها (ڳئون) ڪهڙي آهي؟ انهيءَ (يعني موسيٰ) چيو تہ اهو فرمائي ٿو تہ اها ڳئون اهڙي آهي جيڪا نہ تہ پوڙهي آهي ۽ نہ ڳابي پر انهيءَ جي درميان پوري جوان آهي. تنهنڪري جيڪو حڪم توهانکي ڏنو ٿو وڃي انهيءَ جي پيروي ڪيو.

قَالُوا ادْعُ لَنَا رَبَّكَ يُبَيِّنْ لَّنَا مَا لَوْنُهَا ۭ قَالَ اِنَّهٗ يَقُوْلُ اِنَّهَا بَقَرَةٌ صَفْرَاۗءُ ۙ فَاقِعٌ لَّوْنُهَا

٧٠. انهن چيو اسان لاءِ پنهن جي رب کان (وري) دعا گهر تہ هو اسانکي کولي ٻڌائي تہ انهيءَ جو رنگ ڪهڙو آهي؟ (موسيٰ)

تَسُرُّ النّٰظِرِيْنَ ﴿٦٩﴾

چيو ھو فرمائي ٿو تہ اھا ھڪ ڪڪڙي رنگ جي ڍڳي آھي انھيءَ جو رنگ تمام ڳوڙھو آھي (۽) اھا ڏسڻ وارن کي ڏاڍي پسند اچي ٿي.

قَالُوا ادْعُ لَنَا رَبَّكَ يُبَيِّنْ لَّنَا مَا هِيَ ۙ إِنَّ الْبَقَرَ تَشٰبَهَ عَلَيْنَا ۭ وَإِنَّآ إِنْ شَاۗءَ اللّٰهُ لَمُهْتَدُوْنَ ﴿٧٠﴾

٧١ـ انھن چيو اسان لاءِ پنھنجي رب کان (وري) دعا گھر تہ ھو اسانکي کولي ٻڌائي تہ اھا (ڳئون) ڪھڙي آھي؟ اسانکي تہ انھيءَ قسم جون (سڀ) ڳئون ھڪ جھڙيون نظر اچن ٿيون ۽ (يقين رک تہ) جيڪڏھين الله گھريو تہ اسان ضرور ھدايت قبول ڪنداسين.

قَالَ إِنَّهٗ يَقُوْلُ إِنَّهَا بَقَرَةٌ لَّا ذَلُوْلٌ تُثِيْرُ الْأَرْضَ وَلَا تَسْقِي الْحَرْثَ ۚ مُسَلَّمَةٌ لَّا شِيَةَ فِيْهَا ۭ قَالُوا الْـٰٔنَ جِئْتَ بِالْحَقِّ ۭ فَذَبَحُوْهَا وَمَا كَادُوْا يَفْعَلُوْنَ ﴿٧١﴾ ع ٨

٧٢ـ (موسيٰ) چيو ھو فرمائي ٿو اھا اھڙي ڳئون آھي جا نہ تہ پانجاريءَ جي ھيٺان آندي ويئي آھي جو ھر ڪاھيندي ھجي ۽ نہ کي ٻنيءَ کي پاڻي ڏيندي آھي. بلڪل چڱي ڀلي آھي انھيءَ ۾ ڪو ٻيو رنگ ڪونہ ٿو ملي. انھن چيو تہ ھاڻي تو (اسانتي) حقيقت ظاھر ڪري ڇڏي آھي تنھن ڪري انھن انھيءَ (ڳئون) کي ذبح ڪيو جيتوڻيڪ اھي ائين ڪرڻ تي تيار نہ ھئا.

وَإِذْ قَتَلْتُمْ نَفْسًا فَادّٰرَءْتُمْ فِيْهَا ۭ وَاللّٰهُ مُخْرِجٌ مَّا كُنْتُمْ تَكْتُمُوْنَ ﴿٧٢﴾

٧٣ـ ۽ (انھيءَ وقت کي بہ ياد ڪيو) جڏھن توھان ھڪ شخص کي قتل (ڪرڻ جي دعويٰ) ڪئي پوءِ توھان انجي باري ۾ اختلاف ڪيو جيتوڻيڪ جيڪي (ڪجھہ) توھان لڪايو ٿي الله انکي ظاھر ڪرڻ وارو ھو.

فَقُلْنَا اضْرِبُوْهُ بِبَعْضِهَا ۭ كَذٰلِكَ يُحْيِ اللّٰهُ الْمَوْتٰى ۙ وَيُرِيْكُمْ اٰيٰتِهٖ لَعَلَّكُمْ تَعْقِلُوْنَ ﴿٧٣﴾

٧٤ـ انھيءَ تي اسان چيو تہ انھيءَ (واقعي) کي انھيءَ (نفس) سان پيش اچڻ وارن ڪن واقعن کي ملائي ڏسو (پوءِ توھان کي حقيقت معلوم ٿي ويندي) الله اھڙي طرح مئلن کي

زندهہ ڪري ٿو ۽ توهان کي پنهنجا نشان ڏيکاري ٿو تہ توهان عقل ڪيو.

ثُمَّ قَسَتْ قُلُوبُكُمْ مِّنْ بَعْدِ ذٰلِكَ فَهِيَ كَالْحِجَارَةِ أَوْ أَشَدُّ قَسْوَةً ۚ وَإِنَّ مِنَ الْحِجَارَةِ لَمَا يَتَفَجَّرُ مِنْهُ الْأَنْهٰرُ ۚ وَإِنَّ مِنْهَا لَمَا يَشَّقَّقُ فَيَخْرُجُ مِنْهُ الْمَاءُ ۚ وَإِنَّ مِنْهَا لَمَا يَهْبِطُ مِنْ خَشْيَةِ اللّٰهِ ۗ وَمَا اللّٰهُ بِغَافِلٍ عَمَّا تَعْمَلُونَ ﴿٧٥﴾

٧٥ انهيءَ ڪانپوءِ وري توهان جون دليون سخت ٿي ويون. جيئن تہ اهي پٿرن وانگي بلڪ انهيءَ کان بہ وڌيڪ سخت آهن ۽ پٿرن مان تہ يقينن ڪي اهڙا بہ هوندا آهن جن مان درياهہ وهندا آهن ۽ انهن مان ڪي اهڙا بہ هوندا آهن جيڪي ڦاٽي پوندا آهن تہ انهن مان پاڻي نڪرڻ لڳندو آهي ۽ انهن (دلين) مان (بہ) ڪي اهڙيون آهن جيڪي الله جي خوف کان (معافي گهرندي) جهڪي پون ٿيون ۽ جيڪي (ڪجهہ) توهان ڪري رهيا آهيو الله انهيءَ کان هرگز بي خبر نہ آهي.

أَفَتَطْمَعُونَ أَنْ يُؤْمِنُوا لَكُمْ وَقَدْ كَانَ فَرِيقٌ مِّنْهُمْ يَسْمَعُونَ كَلٰمَ اللّٰهِ ثُمَّ يُحَرِّفُونَهُ مِنْ بَعْدِ مَا عَقَلُوهُ وَهُمْ يَعْلَمُونَ ﴿٧٦﴾

٧٦ (اي مسلمانو!) ڇا توهان اميد رکو ٿا تہ اهي (يهودي) توهانجي ڳالهہ مڃيندا جيتوڻيڪ انهن مان ڪجهہ ماڻهون اهڙا آهن جيڪي الله جو ڪلام ٻڌن ٿا پوءِ انهيءَ کي سمجهڻ بعد انهي (جي مطلب) کي بگاڙين ٿا ۽ اهي (انهيءَ عمل جي خراب نتيجي کي چڱي طرح) ڄاڻن ٿا.

وَإِذَا لَقُوا الَّذِينَ آمَنُوا قَالُوا آمَنَّا ۚ وَإِذَا خَلَا بَعْضُهُمْ إِلٰى بَعْضٍ قَالُوا أَتُحَدِّثُونَهُمْ بِمَا فَتَحَ اللّٰهُ عَلَيْكُمْ لِيُحَاجُّوكُمْ بِهِ عِنْدَ رَبِّكُمْ ۚ أَفَلَا تَعْقِلُونَ ﴿٧٧﴾

٧٧ ۽ جڏهين اهي ماڻهو مومنن سان ملن ٿا تہ چون ٿا تہ اسان مومن آهيون ۽ جڏهين هڪ ٻئي سان عليحدگيءَ ۾ ملن ٿا تہ (هڪ ٻئي کي الزام ڏيندي) چون ٿا ڇا توهان انهن کي اهي ڳالهيون جيڪي الله توهانتي واضح ڪيون آهن ٻڌايو ٿا. انهيءَ جو نتيجو اهو ٿيندو تہ اهي انهيءَ (معلومات) جي ذريعي الله جي سامهون توهانتي حجت قائم ڪندا ڇا توهان عقل کان ڪم نٿا وٺو؟

أَوَلَا يَعْلَمُونَ أَنَّ اللّٰهَ يَعْلَمُ مَا يُسِرُّونَ وَمَا يُعْلِنُونَ ﴿٧٨﴾

٧٨. ڇا ھي (انھيءَ ڳالھ کي) نٿا ڄاڻن تہ جيڪي ڪجھ ھو لڪائين ٿا ۽ جيڪي ڪجھ ھو ظاھر ڪن ٿا الله انھيءَ کي ڄاڻيٿو.

وَمِنْهُمْ أُمِّيُّونَ لَا يَعْلَمُونَ الْكِتٰبَ إِلَّآ أَمَانِيَّ وَإِنْ هُمْ إِلَّا يَظُنُّونَ ﴿٧٩﴾

٧٩. ۽ انھن مان ڪي اڻپڙھيل آھن جي چند ڪوڙين ڳالھين کانسواءِ پنھنجي ڪتاب مان ڪجھ بہ ڄاڻ نٿا رکن ۽ اھي صرف تڪ بنديون ڪندا رھن ٿا.

فَوَيْلٌ لِّلَّذِينَ يَكْتُبُونَ الْكِتٰبَ بِأَيْدِيهِمْ ثُمَّ يَقُولُونَ هٰذَا مِنْ عِندِ اللّٰهِ لِيَشْتَرُوا بِهِ ثَمَنًا قَلِيلًا ۖ فَوَيْلٌ لَّهُم مِّمَّا كَتَبَتْ أَيْدِيهِمْ وَوَيْلٌ لَّهُم مِّمَّا يَكْسِبُونَ ﴿٨٠﴾

٨٠. پوءِ جيڪي ماڻھو پنھنجي ھٿن سان ڪتاب لکن ٿا (۽) پوءِ انھيءَ جي وسيلي (ڪجھ) ٿوري رقم حاصل ڪرڻ لاءِ چئني ٿا ڇڏين تہ ھيءَ (ڪتاب) الله جي طرفان آھي. انھن لاءِ (ھڪ سخت) عذاب (مقدر) آھي وري (اسان چئون ٿا تہ) انھن لاءِ انھن جي ھٿن سان لکڻ سبب (ھڪ سخت) عذاب (مقدر) آھي ۽ انھيءَ سبب جي ڪري (بہ) عذاب (مقدر) آھي جيڪي ھو ڪمائين ٿا.

وَقَالُوا لَن تَمَسَّنَا النَّارُ إِلَّآ أَيَّامًا مَّعْدُودَةً ۚ قُلْ أَتَّخَذْتُمْ عِندَ اللّٰهِ عَهْدًا فَلَن يُخْلِفَ اللّٰهُ عَهْدَهُ ۖ أَمْ تَقُولُونَ عَلَى اللّٰهِ مَا لَا تَعْلَمُونَ ﴿٨١﴾

٨١. ۽ ھو چون ٿا تہ اسان کي ڪن ٿورن ڏينھن کانسواءِ (دوزخ جي) باھ ھرگز نہ ڇھندي تون (انھن کي) چو ڇا توھان الله جي درگاھ مان ڪو اھڙو واعدو (ورتو) آھي؟ (جيڪڏھن ائين آھي) تڏھين تہ ھو ھرگز پنھنجي عھد جي خلاف نہ ڪندو يا (تہ) توھان الله جي متعلق اھڙي ڳالھ چئو ٿا جنھن جو توھانکي (ڪوبہ) علم نہ آھي.

بَلٰى مَن كَسَبَ سَيِّئَةً وَأَحَاطَتْ بِهِ خَطِيٓئَتُهُ فَأُولٰٓئِكَ أَصْحٰبُ النَّارِ ۖ هُمْ فِيهَا خٰلِدُونَ ﴿٨٢﴾

٨٢. چو نہ، جيڪي ماڻھو ڪنھن بہ قسم جي بدي ڪمائيندا ۽ انھن جو گناھ انھن کي (چئني طرفن کان) گھيري وٺندو ۽ اھي دوزخ (۾ پوڻ) وارا آھن اھي انھيءَ ۾ (پيا) رھندا.

وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ اُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ الْجَنَّةِ ۚ
هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿٨٢﴾ ع ٩

۸۳ـ ۽ جن ماڻهن ايمان آندو آهي ۽ انهن نيڪ عمل ڪيا آهن اهي جنت (۾ وڃڻ) وارا آهن اهي انهيءَ ۾ (هميشه) رهندا.

وَاِذْ اَخَذْنَا مِيْثَاقَ بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ لَا تَعْبُدُوْنَ اِلَّا
اللّٰهَ ۟ وَبِالْوَالِدَيْنِ اِحْسَانًا وَّذِي الْقُرْبٰى وَالْيَتٰمٰى
وَالْمَسٰكِيْنِ وَقُوْلُوْا لِلنَّاسِ حُسْنًا وَّاَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ
وَاٰتُوا الزَّكٰوةَ ۭ ثُمَّ تَوَلَّيْتُمْ اِلَّا قَلِيْلًا مِّنْكُمْ وَاَنْتُمْ
مُّعْرِضُوْنَ ﴿٨٣﴾

۸۴ـ ۽ (انهيءَ وقت کي بہ ياد ڪيو) جڏهن اسان بني اسرائيل کان پڪو واعدو ورتو هو تہ توهان الله کان سواءِ ڪنهن جي عبادت نہ ڪندؤ ۽ والدين سان احسان (جو معاملو) ڪندؤ. ۽ (اهڙي طرح) قريبن ۽ يتيمن ۽ مسڪينن سان بہ ۽ هيءُ (واعدو بہ ورتو هو) تہ ماڻهن سان مهربانيءَ سان ڪلام ڪندا ڪيو ۽ نماز قائم رکندا ڪيو ۽ زڪوات ادا ڪندا ڪيو پر (انهيءَ ڪانپوءِ) توهان مان ٿورن کانسواءِ (باقي) سڀيئي منهن موڙيندي ڦري ويا.

وَاِذْ اَخَذْنَا مِيْثَاقَكُمْ لَا تَسْفِكُوْنَ دِمَآءَكُمْ وَلَا
تُخْرِجُوْنَ اَنْفُسَكُمْ مِّنْ دِيَارِكُمْ ثُمَّ اَقْرَرْتُمْ وَاَنْتُمْ
تَشْهَدُوْنَ ﴿٨٤﴾

۸۵ـ ۽ (انهيءَ وقت کي بہ ياد ڪيو) جڏهن اسان توهان کان واعدو ورتو هو تہ توهان (پاڻ ۾) هڪ ٻئي جو رت نہ وهائيندا ۽ پنهن جي پاڻ کي (يعني پنهنجي قوم جي ماڻهن کي) پنهنجي گهرن کان نہ ڪيڍندؤ ۽ توهان انهيءَ جو اقرار ڪيو هو ۽ توهان (انهيءَ عهد جي متعلق هميشه) شاهدي ڏيندا رهيا آهيو.

ثُمَّ اَنْتُمْ هٰٓؤُلَاۗءِ تَقْتُلُوْنَ اَنْفُسَكُمْ وَتُخْرِجُوْنَ فَرِيْقًا
مِّنْكُمْ مِّنْ دِيَارِهِمْ ۡ تَظٰهَرُوْنَ عَلَيْهِمْ بِالْاِثْمِ
وَالْعُدْوَانِ ۭ وَاِنْ يَّاْتُوْكُمْ اُسٰرٰى تُفٰدُوْهُمْ وَهُوَ
مُحَرَّمٌ عَلَيْكُمْ اِخْرَاجُهُمْ ۭ اَفَتُؤْمِنُوْنَ بِبَعْضِ
الْكِتٰبِ وَتَكْفُرُوْنَ بِبَعْضٍ ۚ فَمَا جَزَاۗءُ مَنْ يَّفْعَلُ
ذٰلِكَ مِنْكُمْ اِلَّا خِزْيٌ فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ۚ وَيَوْمَ الْقِيٰمَةِ
يُرَدُّوْنَ اِلٰٓى اَشَدِّ الْعَذَابِ ۭ وَمَا اللّٰهُ بِغَافِلٍ عَمَّا

۸۶ـ پوءِ توهان ماڻهو ئي آهيو جو (انهيءَ عهد جي باوجود) پاڻ ۾ هڪ ٻئي کي قتل ڪيو ٿا ۽ پاڻ مان هڪ جماعت کي گناهہ ۽ ظلم سان (انهن جي دشمن جي) مدد ڪندي انهن کي گهرن مان ڪيڍو ٿا ۽ جيڪڏهن اهي توهان وٽ قيدي ٿي (مدد وٺڻ لاءِ) اچن تہ توهان فديو ڏئي انهن کي ڇڏايو ٿا. جيتوڻيڪ حقيقت انهن جو (گهرن کان) ڪيڍڻ

تَعْمَلُوْنَ ﴿٨٦﴾

(بـ‍ه) توهان تي حرام ڪيو ويو هو تـہ ڇا توهان ڪتاب جي هڪ حصي تي تـہ ايمان آڻيو ٿا ۽ هڪ حصي جو انڪار ڪيو ٿا. پوءِ توهان مان جيڪي ائين ڪن ٿا انهن جي سزا هن (جهان جي) زندگي (ئي) ۾ بدنامي (پرائڻ) کان سواءِ ٻيو ڇا آهي. (جيڪا انهن کي ملندي) ۽ اهي قيامت جي ڏينهن انهيءَ کان سخت عذاب ڏانهن موٽايا ويندا ۽ جيڪي ڪجھ توهان ڪري رهيا آهيو انهيءَ کان الله هرگز بي خبر نـہ آهي.

اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ اشْتَرَوُا الْحَيٰوةَ الدُّنْيَا بِالْاٰخِرَةِ فَلَا يُخَفَّفُ عَنْهُمُ الْعَذَابُ وَلَا هُمْ يُنْصَرُوْنَ ﴿٨٦﴾ ع

٨٧. ۽ اهي ئي اهي ماڻهو آهن جن هن (جهان جي) زندگي کي آخر ۾ اچڻ واري زندگيءَ تي ترجيح ڏني آهي انهيءَ ڪري نـہ تـہ انهن تان عذاب هلڪو ڪيو ويندو ۽ نـہ انهن جي (ڪنهن ٻئي رنگ ۾) مدد ڪئي ويندي.

وَلَقَدْ اٰتَيْنَا مُوْسَى الْكِتٰبَ وَقَفَّيْنَا مِنْۢ بَعْدِهٖ بِالرُّسُلِ وَاٰتَيْنَا عِيْسَى ابْنَ مَرْيَمَ الْبَيِّنٰتِ وَاَيَّدْنٰهُ بِرُوْحِ الْقُدُسِ اَفَكُلَّمَا جَآءَكُمْ رَسُوْلٌۢ بِمَا لَا تَهْوٰٓى اَنْفُسُكُمُ اسْتَكْبَرْتُمْ فَفَرِيْقًا كَذَّبْتُمْ وَفَرِيْقًا تَقْتُلُوْنَ ﴿٨٧﴾

٨٨. ۽ اسان (يقينن) موسيٰ کي ڪتاب ڏنو هو ۽ انهيءَ کانپوءِ اسان (انهن) رسولن کي (جنکي توهان سڃاڻو ٿا انهن جي) پويان موڪليو ۽ عيسيٰ بن مريم کي (بـ‍ه) اسان ظاهر ظهور نشان ڏنا ۽ روح القدس جي ذريعي هن کي طاقت بخشي (پر توهان سڀني جو مقابلو ڪيو) تـہ پوءِ (توهان ئي ٻڌايو تـہ) ڇا (هي ڳالھ نا پسنديدهہ ناهي تـہ) جڏهن بـہ توهان وٽ ڪو رسول هيءَ (تعليم) ڪني آيو جنهن کي توهان جي نفس پسند نـہ ٿي ڪيو تـہ توهان تڪبر (جو مظاهرو) ڪيو. جيئن تـہ ڪن کي توهان ڪوڙو ڪيو ۽ ڪن کي قتل ڪري ڇڏيو.

وَقَالُوْا قُلُوْبُنَا غُلْفٌ ؕ بَلْ لَّعَنَهُمُ اللّٰهُ بِكُفْرِهِمْ فَقَلِيْلًا مَّا يُؤْمِنُوْنَ ﴿٨٩﴾

٨٩. ۽ (اسان کي معلوم آهي تہ) انهن (هيئن بہ) چيو آهي (تہ) اسان جون دليون تہ پردي ۾ آهن (پر هي ڳالهہ) نہ آهي پر الله انهنجي ڪفر جي سبب انهن تي لعنت ڪئي آهي. پوء اهي تمام ٿورا ايمان آڻن ٿا.

وَلَمَّا جَآءَهُمْ كِتٰبٌ مِّنْ عِنْدِ اللّٰهِ مُصَدِّقٌ لِّمَا مَعَهُمْ ۙ وَكَانُوْا مِنْ قَبْلُ يَسْتَفْتِحُوْنَ عَلَى الَّذِيْنَ كَفَرُوْا ۚ فَلَمَّا جَآءَهُمْ مَّا عَرَفُوْا كَفَرُوْا بِهٖ ۫ فَلَعْنَةُ اللّٰهِ عَلَى الْكٰفِرِيْنَ ﴿٩٠﴾

٩٠. ۽ جڏهن انهن وٽ الله جي طرفان هڪ ڪتاب آيو جيڪو انهي (ڪتاب جي پيشگوئن) کي جو انهن وٽ آهي سچي ڪرڻ وارو آهي تہ باوجود انهيءَ جي جو پهرين هي (ماڻهون الله کان) ڪافرن تي فتح (پائڻ جي دعا) گهرندا هئا ۽ جڏهن انهن وٽ اها شيء اچي وئي جنهن کي انهن سڃاتي ورتو تہ انهيءَ جو انڪار ڪري ڇڏيائون. پوء اهڙن ڪافرن تي الله جي لعنت آهي.

بِئْسَمَا اشْتَرَوْا بِهٖ اَنْفُسَهُمْ اَنْ يَّكْفُرُوْا بِمَا اَنْزَلَ اللّٰهُ بَغْيًا اَنْ يُّنَزِّلَ اللّٰهُ مِنْ فَضْلِهٖ عَلٰى مَنْ يَّشَآءُ مِنْ عِبَادِهٖ ۚ فَبَآءُوْ بِغَضَبٍ عَلٰى غَضَبٍ ؕ وَلِلْكٰفِرِيْنَ عَذَابٌ مُّهِيْنٌ ﴿٩١﴾

٩١. اهو فعل ڏاڍو برو آهي جنهنجي بدلي ۾ انهن پنهن جي جانين کي وڪڻي ڇڏيو آهي (۽) اهو هننجو الله جي لاٿل ڪلام کان هن ڳالهہ تي ڪاوڙ جي انڪار ڪرڻ آهي تہ الله پنهن جي ٻانهن مان جنهن کي چاهي ٿو (جو) پنهنجو فضل نازل ڪريٿو پوء هي ماڻهو غضب پٺيان غضب جا مستحق ٿي ويا آهن ۽ اهڙن (ني) ڪافرن لاء خوار ڪرڻ وارو عذاب (مقدر) آهي.

وَاِذَا قِيْلَ لَهُمْ اٰمِنُوْا بِمَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ قَالُوْا نُؤْمِنُ بِمَآ اُنْزِلَ عَلَيْنَا وَيَكْفُرُوْنَ بِمَا وَرَآءَهٗ ۚ وَهُوَ الْحَقُّ مُصَدِّقًا لِّمَا مَعَهُمْ ؕ قُلْ فَلِمَ تَقْتُلُوْنَ اَنْۢبِيَآءَ اللّٰهِ مِنْ قَبْلُ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿٩٢﴾

٩٢. ۽ جڏهن انهن کي چيو وڃي تہ جيڪي ڪجهہ الله نازل ڪيو آهي ان تي ايمان آڻيو تہ هو چون ٿا تہ اسان (تہ) انهيءَ تي ايمان آڻيون ٿا جو اسان تي نازل ڪيو ويو آهي ۽ ائين (چئي) ان کان پوء اچڻ واري (ڪلام) جو اهي انڪار ڪري ٿا ڇڏين

(انهيءَ دعويٰ ۾) سچا آهيو تہ موت جي خواهش ڪيو.

وَلَنْ يَّتَمَنَّوْهُ اَبَدًۢا بِمَا قَدَّمَتْ اَيْدِيْهِمْ ۭ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌۢ بِالظّٰلِمِيْنَ ۝٩٥

٩٦. ۽ (اي مسلمانو ! ياد رکو تہ) جو ڪجھہ انهنجا هٿ اڳتي موڪلي چڪا آهن انهيءَ جي سبب کان اهي ڪڏهن بہ انهي (قسم جي موت) جي تمنا نہ ڪندا ۽ الله ظالمن کي چڱي طرح ڄاڻي ٿو.

وَلَتَجِدَنَّهُمْ اَحْرَصَ النَّاسِ عَلٰي حَيٰوةٍ ۚ وَمِنَ الَّذِيْنَ اَشْرَكُوْا ۚ يَوَدُّ اَحَدُهُمْ لَوْ يُعَمَّرُ اَلْفَ سَنَةٍ ۚ وَمَا هُوَ بِمُزَحْزِحِهٖ مِنَ الْعَذَابِ اَنْ يُّعَمَّرَ ۭ وَاللّٰهُ بَصِيْرٌۢ بِمَا يَعْمَلُوْنَ ۝٩٦

معانقة ٣ عند المتاخرين

ع ١١

٩٧. ۽ تون يقينن انهن کي (بہ) ۽ ڪن انهن ماڻهن کي (بہ) جيڪي مشرڪ آهن سڀني ماڻهن کان وڌيڪ زندگيءَ جا لوڀي لهندين انهن مان (هر) هڪ (اهو) چاهيندو آهي تہ انهي کي هزار سالن جي عمر ملي وڃي جيتوڻيڪ اهو (فعل يعني) انجي (وڏي) عمر پائڻ انهيءَ کي عذاب کان بچائي نہ ٿو سگهي ۽ جيڪي ڪجهہ هو ڪن ٿا الله انهيءَ کي ڏسي رهيو آهي.

قُلْ مَنْ كَانَ عَدُوًّا لِّجِبْرِيْلَ فَاِنَّهٗ نَزَّلَهٗ عَلٰي قَلْبِكَ بِاِذْنِ اللّٰهِ مُصَدِّقًا لِّمَا بَيْنَ يَدَيْهِ وَھُدًى وَّبُشْرٰى لِلْمُؤْمِنِيْنَ ۝٩٧

٩٨. تون (انهن کي) چؤ تہ جيڪو شخص انهيءَ سبب جي ڪري جبرائيل جو دشمن ٿيندو تہ هن تنهنجي دل تي الله جي حڪم سان هن (ڪتاب) کي لاٿو آهي ۽ هن (ڪلام) کي جو انهي کان پهرين موجود آهي سچو ڪرڻ وارو ۽ مومنن لاءِ هدايت ۽ بشارت آهي.

مَنْ كَانَ عَدُوًّا لِّلّٰهِ وَمَلٰۗىِٕكَتِهٖ وَرُسُلِهٖ وَجِبْرِيْلَ وَمِيْكٰىلَ فَاِنَّ اللّٰهَ عَدُوٌّ لِّلْكٰفِرِيْنَ ۝٩٨

٩٩. (تہ) پوءِ انهيءَ کي ياد رکڻ گهرجي تہ) جيڪو شخص (بہ) الله ۽ انجي فرشتن ۽ انجي رسولن ۽ جبرائيل ۽ ميڪائيل جو دشمن هوندو تہ (اهڙن) ڪافرن جو الله بہ يقينن دشمن آهي.

وَلَقَدْ اَنْزَلْنَآ اِلَيْكَ اٰيٰتٍۢ بَيِّنٰتٍ ۚ وَمَا يَكْفُرُ بِهَآ اِلَّا

١٠٠. ۽ اسان توهان تي يقينن ظاهر ظهور نشانيون نازل ڪيون آهن ۽ نافرمانن کان

الْفٰسِقُوْنَ ۝١٠٠

سواءِ انهن جو ڪير بہ انڪار ڪري نہ ٿو ڪري.

اَوَكُلَّمَا عٰهَدُوْا عَهْدًا نَّبَذَهٗ فَرِيْقٌ مِّنْهُمْ ؕ بَلْ اَكْثَرُهُمْ لَا يُؤْمِنُوْنَ ۝١٠١

١٠١. ۽ ڇا (هي ڳالھہ خراب نہ آهي تہ) جڏهن بہ انهن ماڻهن ڪو عهد ڪيو تہ انهن مان هڪ ٽولي انهيءَ کي اڇلي ڇڏيو (نہ فقط هي) بلڪ انهن مان گهڻا (تہ) ايمان جي ويجهو بہ نہ ٿا اچن.

وَلَمَّا جَآءَهُمْ رَسُوْلٌ مِّنْ عِنْدِ اللّٰهِ مُصَدِّقٌ لِّمَا مَعَهُمْ نَبَذَ فَرِيْقٌ مِّنَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ ۙ كِتٰبَ اللّٰهِ وَرَآءَ ظُهُوْرِهِمْ كَاَنَّهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ ۝١٠٢

١٠٢. ۽ جڏهن انهن وٽ الله جي طرفان هڪ اهڙو (رسول) آيو جو انهيءَ (ڪتاب) کي جو انهن وٽ آهي سچي ڪرڻ وارو آهي تہ انهن ماڻهن مان جن کي (اهو) ڪتاب ڏنو ويو هو تہ هڪ ٽولي الله جي (تازي) ڪتاب کي پنهنجي پٺيءَ پٺيان اڇلي ڇڏيو جڻ تہ اهي (انهيءَ) کي ڄاڻن ئي ڪونہ ٿا.

وَاتَّبَعُوْا مَا تَتْلُوا الشَّيٰطِيْنُ عَلٰى مُلْكِ سُلَيْمٰنَ ۚ وَمَا كَفَرَ سُلَيْمٰنُ وَلٰكِنَّ الشَّيٰطِيْنَ كَفَرُوْا يُعَلِّمُوْنَ النَّاسَ السِّحْرَ ۗ وَمَآ اُنْزِلَ عَلَى الْمَلَكَيْنِ بِبَابِلَ هَارُوْتَ وَمَارُوْتَ ؕ وَمَا يُعَلِّمٰنِ مِنْ اَحَدٍ حَتّٰى يَقُوْلَآ اِنَّمَا نَحْنُ فِتْنَةٌ فَلَا تَكْفُرْ ؕ فَيَتَعَلَّمُوْنَ مِنْهُمَا مَا يُفَرِّقُوْنَ بِهٖ بَيْنَ الْمَرْءِ وَزَوْجِهٖ ؕ وَمَا هُمْ بِضَآرِّيْنَ بِهٖ مِنْ اَحَدٍ اِلَّا بِاِذْنِ اللّٰهِ ؕ وَيَتَعَلَّمُوْنَ مَا يَضُرُّهُمْ وَلَا يَنْفَعُهُمْ ؕ وَلَقَدْ عَلِمُوْا لَمَنِ اشْتَرٰىهُ مَا لَهٗ فِى الْاٰخِرَةِ مِنْ خَلَاقٍ ؕ وَلَبِئْسَ مَا شَرَوْا بِهٖۤ اَنْفُسَهُمْ ؕ لَوْ كَانُوْا يَعْلَمُوْنَ ۝١٠٣

١٠٣. ان ڪانسواءِ اهي (يهودي) انهيءَ (عمل جي طريقي) جي پٺيان پئجي ويا جنهنجي پٺيان سليمان جي حڪومت جي زماني ۾ (انهي جي حڪومت جا) باغي پوندا رهندا هئا ۽ سليمان ڪافر نہ هو پر (انهيءَ جا) باغي ڪافر هئا اهي ماڻهن کي دوکي ڏيڻ واريون ڳالهيون سيکاريندا هئا ۽ (پنهنجي خيال ۾) انهيءَ ڳالھہ جو (بہ نقل ڪن ٿا) جيڪو بابل ۾ ٻن فرشتن هاروت ۽ ماروت تي نازل ڪيو ويو هو جيتوڻيڪ اهي ٻئي (تہ) جيستائين اهو نہ چوندا هئا تہ اسان (خدا تعاليٰ جي طرف کان) آزمائش جي طور تي (مقرر ٿيا) آهيون تنهنڪري (اي مخاطب! اسانجي حڪمن جو) انڪار نہ ڪج، ڪنهن کي (ڪجهہ) نہ سيکاريندا هئا جنهن تي اهي (ماڻهو) انهن (ٻنهي) کان اها ڳالھہ

سکندا ھئا جنھن جي وسيلي اھي مرد زال جي وچ ۾ فرق ڪري ڇڏيندا ھئا ۽ الله جي حڪم کانسواءِ ڪنھن کي بہ انھي (ڳالھہ) جي وسيلي نقصان نہ پھچائيندا ھئا ۽ (انھيءَ جي مقابلي ۾) اھي (يعني رسول الله صلي الله عليه وسلم جا دشمن) تہ اھا ڳالھہ سکي رھيا آھن جيڪا انھن کي نقصان پھچائيندي ۽ نفعو نہ ڏيندي ۽ اھي ماڻھو يقينن سمجھي ويا آھن تہ جيڪو انھيءَ (طريقي) کي اختيار ڪندو آخرت ۾ انھيءَ جو ڪوبہ حصو ڪونھي ۽ اھا شيءِ جنھن جي بدلي ۾ انھن پنھنجي پاڻ کي وڪيو آھي تمام بري آھي. ڪاش اھي ڄاڻن ھا.

وَلَوْ اَنَّهُمْ اٰمَنُوْا وَ اتَّقَوْا لَمَثُوْبَةٌ مِّنْ عِنْدِ اللّٰهِ خَيْرٌ ؕ لَوْ كَانُوْا يَعْلَمُوْنَ ﴿١٠٣﴾ ع ١٢

١٠٤. ۽ جيڪڏھن اھي ماڻھو ايمان آڻن ھا ۽ تقويٰ اختيار ڪن ھا تہ (انھن کي معلوم ٿي وڃي ھا تہ) الله جي طرف کان ملڻ وارو بدلو (ئي) بھترين (بدلو) آھي. ڪاش جو اھي ڄاڻن ھا.

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَقُوْلُوْا رَاعِنَا وَ قُوْلُوا انْظُرْنَا وَ اسْمَعُوْا ؕ وَ لِلْكٰفِرِيْنَ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿١٠٤﴾

١٠٥. اي ايمان وارو! (رسول کي مخاطب ڪري) راعنا نہ چوندا ڪيو ۽ انظرنا چوندا ڪيو ۽ (ڌيان سان ھن جي ڳالھہ) ٻڌندا ڪريو ۽ (ياد رکو تہ) منڪرن لاءِ دردناڪ عذاب (مقدر) آھي.

مَا يَوَدُّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْ اَهْلِ الْكِتٰبِ وَ لَا الْمُشْرِكِيْنَ اَنْ يُّنَزَّلَ عَلَيْكُمْ مِّنْ خَيْرٍ مِّنْ رَّبِّكُمْ ؕ وَ اللّٰهُ يَخْتَصُّ بِرَحْمَتِهٖ مَنْ يَّشَآءُ ؕ وَ اللّٰهُ ذُو الْفَضْلِ الْعَظِيْمِ ﴿١٠٥﴾

١٠٦. اھل ڪتاب مان ۽ پڻ مشرڪين مان جن ماڻھن (اسانجي رسولن جو) انڪار ڪيو آھي اھي پسند نہ ٿا ڪن تہ توھان تي توھانجي رب جي طرفان خير (۽ برڪت) نازل ڪئي وڃي ۽ (وساري ٿا ڇڏن تہ) الله جنھن کي چاھي ٿو (انھيءَ کي) پنھنجي رحمت لاءِ مخصوص ڪري ٿو ۽ الله وڏي فضل ڪرڻ

وارو آهي.

مَا نَنْسَخْ مِنْ اٰيَةٍ اَوْ نُنْسِهَا نَاْتِ بِخَيْرٍ مِّنْهَآ اَوْ مِثْلِهَا ؕ اَلَمْ تَعْلَمْ اَنَّ اللّٰهَ عَلٰى كُلِّ شَیْءٍ قَدِیْرٌ ﴿۱۰۶﴾

١٠٧- جنهن بہ پيغام کي اسين منسوخ ڪري ڇڏيون ۽ وساري ڇڏيون تہ انهيءَ کان بهتر يا انهيءَ جهڙو (پيغام) اسان (ٻيهر دنيا ۾) آڻيون ٿا ڇا توکي معلوم نہ آهي تہ الله هر هڪ ڳالهہ تي (جنهنجو هو ارادو ڪري) پوري پوري قدرت رکي ٿو.

اَلَمْ تَعْلَمْ اَنَّ اللّٰهَ لَهٗ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ وَ مَا لَكُمْ مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ مِنْ وَّلِیٍّ وَّ لَا نَصِیْرٍ ﴿۱۰۷﴾

١٠٨- ڇا توکي معلوم نہ آهي تہ آسمانن ۽ زمين جي بادشاهت الله جي ئي آهي ۽ الله کان سواءِ توهانجو نہ ڪو دوست آهي ۽ نہ ڪو مددگار.

اَمْ تُرِیْدُوْنَ اَنْ تَسْـَٔلُوْا رَسُوْلَكُمْ كَمَا سُىٕلَ مُوْسٰى مِنْ قَبْلُ ؕ وَ مَنْ یَّتَبَدَّلِ الْكُفْرَ بِالْاِیْمَانِ فَقَدْ ضَلَّ سَوَآءَ السَّبِیْلِ ﴿۱۰۸﴾

١٠٩- ڇا توهان پنهنجي رسول کان اهڙيءَ طرح سوال ڪرڻ چاهيو ٿا جهڙيءَ طرح (هن کان) پهرئين موسيٰ کان سوال ڪيا ويا هئا ۽ (وساري ٿا ڇڏيو تہ) جو شخص ڪفر کي ايمان سان بدلائي ڇڏي تہ سمجهو تہ اهو سڌي راهہ کان ڀٽڪي ويو.

وَدَّ كَثِیْرٌ مِّنْ اَهْلِ الْكِتٰبِ لَوْ یَرُدُّوْنَكُمْ مِّنْۢ بَعْدِ اِیْمَانِكُمْ كُفَّارًا ۖۚ حَسَدًا مِّنْ عِنْدِ اَنْفُسِهِمْ مِّنْۢ بَعْدِ مَا تَبَیَّنَ لَهُمُ الْحَقُّ ۚ فَاعْفُوْا وَاصْفَحُوْا حَتّٰى یَاْتِیَ اللّٰهُ بِاَمْرِهٖ ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَلٰى كُلِّ شَیْءٍ قَدِیْرٌ ﴿۱۰۹﴾ ع

١١٠- اهل ڪتاب مان ڪيترائي اهڙا ماڻهو انهيءَ ڪانپوءِ جو حق انهن تي چڱي طرح ظاهر ٿي چڪو آهي، انهي حسد جي سبب جيڪو انهن جي پنهنجي جانين مان (پيدا ٿيو) آهي چاهين ٿا تہ توهان کي ايمان آڻڻ ڪانپوءِ توهانکي وري ڪافر بنائي ڇڏين پوءِ توهان ايستائين جو الله پنهنجي حڪم کي نازل فرمائي انهن کي معاف ڪيو ۽ (انهن کي) درگذر ڪيو ۽ الله يقينن هر هڪ ڪم تي پورو پورو قادر آهي.

وَ اَقِیْمُوا الصَّلٰوةَ وَ اٰتُوا الزَّكٰوةَ ؕ وَ مَا تُقَدِّمُوْا لِاَنْفُسِكُمْ مِّنْ خَیْرٍ تَجِدُوْهُ عِنْدَ اللّٰهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ بِمَا تَعْمَلُوْنَ

١١١- ۽ نماز کي (شرطن مطابق) قائم رکو ۽ زڪوات ادا ڪيو ۽ (ياد رکو تہ) جيڪا نيڪي بہ توهان پنهنجي ذات لاءِ اڳتي

بَصِيْرٌ ﴿١١١﴾

موڪليندو توهان انکي الله وٽ حاصل ڪندؤ يقينَ الله توهانجي عملن کي ڏسي رهيو آهي.

وَقَالُوْا لَنْ يَّدْخُلَ الْجَنَّةَ اِلَّا مَنْ كَانَ هُوْدًا اَوْ نَصٰرٰى ؕ تِلْكَ اَمَانِيُّهُمْ ؕ قُلْ هَاتُوْا بُرْهَانَكُمْ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿١١٢﴾

١١٢. ۽ اهي (يعني يهودي ۽ مسيحي اهي ٻـ) چونٽا تہ بهشت ۾ سواءِ انهن (ماڻهن) جي جيڪي يهودي هجن يا مسيحي هجن ٻيو هرگز داخل نہ ٿيندو. اهي (رڳو) انهنجون خواهشون آهن. تون (انهن کي) چؤ تہ جيڪڏهن توهان سچا آهيو تہ دليل پيش ڪيو.

بَلٰى ۗ مَنْ اَسْلَمَ وَجْهَهٗ لِلّٰهِ وَهُوَ مُحْسِنٌ فَلَهٗۤ اَجْرُهٗ عِنْدَ رَبِّهٖ ۪ وَلَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ﴿١١٣﴾ ع

١١٣. (۽ بڌايو تہ ٻيا ماڻهو) چو نہ (داخل ٿيندا) جيڪو بہ پنهنجي پاڻ کي الله جي حوالي ڪري ڇڏي ۽ نيڪ ڪم ڪرڻ وارو (بہ) هجي تہ انهيءَ جي رب وٽ انهيءَ جو بدلو (مقرر) آهي ۽ انهن (ماڻهن) کي نہ (آئندي جي متعلق) ڪنهن قسم جو خوف هوندو ۽ نہ اهي (ڪنهن گذريل نقصان تي) غمگين هوندا.

وَقَالَتِ الْيَهُوْدُ لَيْسَتِ النَّصٰرٰى عَلٰى شَيْءٍ ۪ وَّقَالَتِ النَّصٰرٰى لَيْسَتِ الْيَهُوْدُ عَلٰى شَيْءٍ ۙ وَّهُمْ يَتْلُوْنَ الْكِتٰبَ ؕ كَذٰلِكَ قَالَ الَّذِيْنَ لَا يَعْلَمُوْنَ مِثْلَ قَوْلِهِمْ ۚ فَاللّٰهُ يَحْكُمُ بَيْنَهُمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ فِيْمَا كَانُوْا فِيْهِ يَخْتَلِفُوْنَ ﴿١١٣﴾

١١٤. ۽ يهودي چونٽا تہ مسيحي ڪنهن (سچي) ڳالهہ تي قائم نہ آهن ۽ مسيحي چونٽا تہ يهودي ڪنهن (سچي) ڳالهہ تي قائم نہ آهن. حالانڪ اهي ٻئي (هڪ ئي) ڪتاب (يعني تورات) پڙهن ٿا اهڙيءَ طرح اهي (ٻيا) ماڻهو جيڪي علم نٿا رکن انهن جهڙي ئي ڳالهہ ڪندا هئا تنهن ڪري جنهن (ڳالهہ) ۾ هي اختلاف ڪن ٿا انهيءَ جي متعلق الله قيامت جي ڏينهن انهن جي وچ ۾ فيصلو ڪندو.

وَمَنْ اَظْلَمُ مِمَّنْ مَّنَعَ مَسٰجِدَ اللّٰهِ اَنْ يُّذْكَرَ فِيْهَا اسْمُهٗ وَسَعٰى فِيْ خَرَابِهَا ؕ اُولٰٓئِكَ مَا كَانَ لَهُمْ اَنْ

١١٥. ۽ انهيءَ (شخص) کان وڌيڪ ڪير ظالم (ٿي سگهي) ٿو جنهن الله جي مسجدن کان (ماڻهن کي) روڪيو تہ انهن ۾ انهيءَ

يَّدۡخُلُوۡهَاۤ اِلَّا خَآئِفِيۡنَ ؕ لَهُمۡ فِى الدُّنۡيَا خِزۡىٌ وَّلَهُمۡ فِى الۡاٰخِرَةِ عَذَابٌ عَظِيۡمٌ ﴿١١٤﴾

جو نالو ورتو وڃي ۽ انهن جي ويراني جي پنيان پئجي ويو انهن (ماڻهن) لاءِ مناسب نہ هو تہ انهن (مسجدن) اندر داخل ٿين مگر (خدا کان) ڊڄندي، انهن لاءِ دنيا ۾ (بہ) خواري آهي ۽ آخرت ۾ (بہ) انهن لاءِ وڏو عذاب (مقدر) آهي.

وَلِلّٰهِ الۡمَشۡرِقُ وَالۡمَغۡرِبُ فَاَيۡنَمَا تُوَلُّوۡا فَثَمَّ وَجۡهُ اللّٰهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ وَاسِعٌ عَلِيۡمٌ ﴿١١٥﴾

١١٦- ۽ اوڀر ۽ اولهہ الله ئي جا آهن تنهنڪري جيڏانهن بہ توهان رخ ڪندو اوڏانهن الله جو توجہ هوندو الله يقيناً وسعت ڏيڻ وارو (۽) وڏو ڄاڻڻ وارو آهي.

وَقَالُوا اتَّخَذَ اللّٰهُ وَلَدًا ۙ سُبۡحٰنَهٗ ؕ بَلۡ لَّهٗ مَا فِى السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضِ ؕ كُلٌّ لَّهٗ قٰنِتُوۡنَ ﴿١١٦﴾

١١٧- ۽ اهي چوڻا تہ الله (پنهنجي لاءِ) هڪ پٽ بنايو آهي (انهن جي ڳالهہ درست ناهي) اهو (تہ هر ڪمزوريءَ کان) پاڪ آهي پر جيڪو ڪجهہ آسمانن ۽ زمين ۾ آهي، انهي جو آهي - سڀ انهيءَ جا فرمانبردار آهن.

بَدِيۡعُ السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضِ ؕ وَاِذَا قَضٰۤى اَمۡرًا فَاِنَّمَا يَقُوۡلُ لَهٗ كُنۡ فَيَكُوۡنُ ﴿١١٧﴾

١١٨- اهو آسمانن ۽ زمين کي (بنان ڪنهن اڳئين نموني جي) پيدا ڪرڻ وارو آهي ۽ جڏهن هر ڪنهن شيءِ (کي عالم وجود ۾ آڻڻ) جو فيصلو ڪريٿو تہ انهيءَ لاءِ صرف هي فرمائي ٿو تہ تون ٿي وڃ (تہ) اها ٿي وڃي ٿي.

وَقَالَ الَّذِيۡنَ لَا يَعۡلَمُوۡنَ لَوۡلَا يُكَلِّمُنَا اللّٰهُ اَوۡ تَاۡتِيۡنَاۤ اٰيَةٌ ؕ كَذٰلِكَ قَالَ الَّذِيۡنَ مِنۡ قَبۡلِهِمۡ مِّثۡلَ قَوۡلِهِمۡ ؕ تَشَابَهَتۡ قُلُوۡبُهُمۡ ؕ قَدۡ بَيَّنَّا الۡاٰيٰتِ لِقَوۡمٍ يُّوۡقِنُوۡنَ ﴿١١٨﴾

١١٩- ۽ اهي ماڻهو جيڪي (خدا جي حڪمت جو) علم نٿا رکن چون ٿا تہ الله ڇو اسان سان (سڌي طرح) نٿو ڳالهائي يا (ڇو) اسان وٽ ڪو نشان (نٿو) اچي؟ اهڙيءَ طرح (بلڪل) انهن جهڙي ڳالهہ (اهي بہ) ڪندا هئا جيڪي انهن کان پهرئين (زماني جا ماڻهو) هئا. انهن سڀني جون دليون همرنگ ٿي ويون آهن اسان تہ اهڙن ماڻهن

لاءِ جيڪي يقين آڻين ٿا هر طرح جون نشانيون کولي بيان ڪري ڇڏيون آهن (پر اهي ماڻهو نٿا مڃين).

إِنَّآ أَرْسَلْنَٰكَ بِٱلْحَقِّ بَشِيرًا وَنَذِيرًا ۖ وَلَا تُسْـَٔلُ عَنْ أَصْحَٰبِ ٱلْجَحِيمِ ﴿١١٩﴾

١٢٠. اسان توکي يقيناً خوشخبري ڏيڻ وارو ۽ ڊيڄارڻ وارو (بنائي) حق (۽ سچ) سان موڪليو آهي ۽ دوزخين لاءِ توهان کان ڪابه پڇا ڳاڇا نه ڪئي ويندي.

وَلَن تَرْضَىٰ عَنكَ ٱلْيَهُودُ وَلَا ٱلنَّصَٰرَىٰ حَتَّىٰ تَتَّبِعَ مِلَّتَهُمْ ۗ قُلْ إِنَّ هُدَى ٱللَّهِ هُوَ ٱلْهُدَىٰ ۗ وَلَئِنِ ٱتَّبَعْتَ أَهْوَآءَهُم بَعْدَ ٱلَّذِى جَآءَكَ مِنَ ٱلْعِلْمِ ۙ مَا لَكَ مِنَ ٱللَّهِ مِن وَلِىٍّ وَلَا نَصِيرٍ ﴿١٢٠﴾

١٢١. ۽ (ياد رک ته) جيستائين تون انهن جي دين جي پيروي نه ڪرين يهودي تو مان هرگز خوش نه ٿيندا ۽ نه ئي مسيحي (خوش ٿيندا) تون (انهن کي) چؤ ته الله جي هدايت ئي يقيناً اصل هدايت آهي ۽ جيڪڏهين (اي مخاطب!) تون انهن علم کانپوءِ (به) جيڪو تو وٽ اچي چڪو آهي انهيءَ جي خواهش جي پيروي ڪندين ته الله (جي طرف) کان نڪو تنهنجو دوست هوندو ۽ نه مددگار.

ٱلَّذِينَ ءَاتَيْنَٰهُمُ ٱلْكِتَٰبَ يَتْلُونَهُۥ حَقَّ تِلَاوَتِهِۦٓ أُو۟لَٰٓئِكَ يُؤْمِنُونَ بِهِۦ ۗ وَمَن يَكْفُرْ بِهِۦ فَأُو۟لَٰٓئِكَ هُمُ ٱلْخَٰسِرُونَ ﴿١٢١﴾

١٢٢. (اهي ماڻهو) جن کي اسان ڪتاب ڏنو آهي اهي ان جي (اهڙي طرح) پيروي ڪن ٿا جهڙي طرح انهن جي پيروي ڪرڻ گهرجي. اهي ماڻهو انهي تي (ٻڪو) ايمان رکن ٿا ۽ جيڪي ماڻهو ان جو انڪار ڪن اهي ئي نقصان حاصل ڪرڻ وارا آهن.

يَٰبَنِىٓ إِسْرَٰٓءِيلَ ٱذْكُرُوا۟ نِعْمَتِىَ ٱلَّتِىٓ أَنْعَمْتُ عَلَيْكُمْ وَأَنِّى فَضَّلْتُكُمْ عَلَى ٱلْعَٰلَمِينَ ﴿١٢٢﴾

١٢٣. اي بني اسرائيل! منهنجي انهيءَ احسان کي جيڪو مان توهان تي ڪري چڪو آهيان ياد ڪريو ۽ (انهيءَ ڳالهه کي به) ته مون توهان کي سڀني جهانن تي فضيلت ڏني.

وَٱتَّقُوا۟ يَوْمًا لَّا تَجْزِى نَفْسٌ عَن نَّفْسٍ شَيْـًٔا وَ

١٢٤. ۽ انهيءَ ڏينهن کان ڊڄو جڏهن ڪوبه شخص قطعن ڪنهن ٻئي شخص جو عيوضي

لَا يُقْبَلُ مِنْهَا عَدْلٌ وَّلَا تَنْفَعُهَا شَفَاعَةٌ وَّلَا هُمْ يُنْصَرُوْنَ ﴿١٢٤﴾

نہ تي سگھندو ۽ نڪي انھيءَ کان ڪنھن قسم جو اجورو قبول ڪيو ويندو ۽ نہ ڪا سفارش ان کي فائدو ڏيندي ۽ نہ انجي مدد ڪئي ويندي.

وَاِذِ ابْتَلٰٓى اِبْرٰهٖمَ رَبُّهٗ بِكَلِمٰتٍ فَاَتَمَّهُنَّ ؕ قَالَ اِنِّىْ جَاعِلُكَ لِلنَّاسِ اِمَامًا ؕ قَالَ وَمِنْ ذُرِّيَّتِىْ ؕ قَالَ لَا يَنَالُ عَهْدِى الظّٰلِمِيْنَ ﴿١٢٥﴾

١٢٥- ۽ (انھيءَ وقت کي بہ ياد ڪريو) جڏھن ابراھيم کي انھيءَ جي رب ڪن ڳالھين جي ذريعي آزمايو ۽ انھيءَ انھن کي پورو ڪري ڏيکاريو (انھيءَ تي الله) فرمايو تہ مان توکي يقينن ماڻھن جو امام مقرر ڪرڻ وارو آھيان. (ابراھيم) چيو ۽ منھنجي اولاد مان بہ (امام بنائج) (الله) فرمايو (ھا پر) منھن جو واعدو ظالمن تائين نہ پھچندو.

وَاِذْ جَعَلْنَا الْبَيْتَ مَثَابَةً لِّلنَّاسِ وَاَمْنًا ؕ وَاتَّخِذُوْا مِنْ مَّقَامِ اِبْرٰهٖمَ مُصَلًّى ؕ وَعَهِدْنَآ اِلٰٓى اِبْرٰهٖمَ وَاِسْمٰعِيْلَ اَنْ طَهِّرَا بَيْتِىَ لِلطَّآئِفِيْنَ وَالْعٰكِفِيْنَ وَالرُّكَّعِ السُّجُوْدِ ﴿١٢٦﴾

١٢٦- ۽ (انھيءَ وقت کي بہ ياد ڪيو) جڏھن اسان ھن گھر (يعني ڪعبي) کي ماڻھن جي لاءِ باربار گڏ ٿيڻ جي جاءِ ۽ امن (جي جاءِ) بنايو ھو ۽ (حڪم ڏنو ھو تہ) ابراھيم جي بيھڻ واري ھنڌ کي نماز جي جاءِ بنايو ۽ اسان ابراھيم ۽ اسماعيل کي تاڪيدي حڪم ڏنو ھو تہ منھنجي گھر کي طواف ڪرڻ وارن ۽ اعتڪاف ڪرڻ وارن ۽ رڪوع ڪرڻ وارن ۽ سجدي ڪرڻ وارن لاءِ پاڪ (۽ صاف) رکو.

وَاِذْ قَالَ اِبْرٰهٖمُ رَبِّ اجْعَلْ هٰذَا بَلَدًا اٰمِنًا وَّارْزُقْ اَهْلَهٗ مِنَ الثَّمَرٰتِ مَنْ اٰمَنَ مِنْهُمْ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ ؕ قَالَ وَمَنْ كَفَرَ فَاُمَتِّعُهٗ قَلِيْلًا ثُمَّ اَضْطَرُّهٗٓ اِلٰى عَذَابِ النَّارِ ؕ وَبِئْسَ الْمَصِيْرُ ﴿١٢٧﴾

١٢٧- ۽ (انھيءَ وقت کي بہ ياد ڪريو) جڏھن ابراھيم چيو ھو تہ اي منھنجا رب ھن (جڳھہ) کي ھڪ پر امن شھر بناءِ ۽ انجي باشندن مان جيڪي بہ الله تي ۽ اچڻ واري ڏينھن تي ايمان آڻين انھن کي (ھر قسم جا) ميوا عطا ڪر (انھيءَ تي الله) فرمايو تہ جو شخص ڪفر ڪندو انھيءَ کي (بہ) مان ٿوري وقت تائين فائدو پھچائيندس. پوءِ

انهيءَ کي مجبور ڪري دوزخ جي عذاب جي طرف وٺي ويندس ۽ (اها) تمام بري پڄاڻي آهي.

وَاِذْ يَرْفَعُ اِبْرٰهٖمُ الْقَوَاعِدَ مِنَ الْبَيْتِ وَاِسْمٰعِيْلُؕ رَبَّنَا تَقَبَّلْ مِنَّاؕ اِنَّكَ اَنْتَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ ﴿١٢٧﴾

١٢٨. ۽ (انهيءَ وقت کي بہ ياد ڪريو) جڏهن ابراهيم انهيءَ گهر جا بنياد کڻي رهيو هو ۽ (انهي سان گڏ) اسماعيل بہ (۽ اهي ٻئي چوندا ويا ٿي تہ) اي اسان جا رب اسان جي طرف کان (هن خدمت کي) قبول فرماءِ. تون ئي (آهين جو) گهڻو ٻڌڻ وارو (۽) گهڻو ڄاڻڻ وارو آهين.

رَبَّنَا وَاجْعَلْنَا مُسْلِمَيْنِ لَكَ وَمِنْ ذُرِّيَّتِنَآ اُمَّةً مُّسْلِمَةً لَّكَ۪ وَاَرِنَا مَنَاسِكَنَا وَتُبْ عَلَيْنَاۚ اِنَّكَ اَنْتَ التَّوَّابُ الرَّحِيْمُ ﴿١٢٨﴾

١٢٩. اي اسانجا رب! ۽ (اسين هي بہ التجا ڪيون ٿا تہ) اسان ٻنهي کي پنهنجو فرمانبردار (ٻانهو) بناءِ ۽ اسان جي اولاد مان بہ پنهنجي هڪ فرمانبردار جماعت (بناءِ) ۽ اسان کي اسانجي (حال سارو) عبادت جا طريقا ٻڌاءِ ۽ اسان ڏانهن (پنهنجي) فضل سان توجہ فرماءِ يقينن تون (پنهنجن ٻانهن ڏانهن) گهڻو توجہ ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهين.

رَبَّنَا وَابْعَثْ فِيْهِمْ رَسُوْلًا مِّنْهُمْ يَتْلُوْا عَلَيْهِمْ اٰيٰتِكَ وَيُعَلِّمُهُمُ الْكِتٰبَ وَالْحِكْمَةَ وَيُزَكِّيْهِمْؕ اِنَّكَ اَنْتَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ﴿١٢٩﴾ ع ١٥

١٣٠. ۽ اي اسانجا رب! (اسان جي هي بہ التجا آهي تہ تون) انهن مان ئي هڪ اهڙو رسول مبعوث فرماءِ جيڪو انهن کي تنهنجون آيتون پڙهي ٻڌائي ۽ انهن کي ڪتاب ۽ حڪمت سيکاري ۽ انهن کي پاڪ ڪري يقينن تون ئي غالب (۽) حڪمتن وارو آهين.

وَمَنْ يَّرْغَبُ عَنْ مِّلَّةِ اِبْرٰهٖمَ اِلَّا مَنْ سَفِهَ نَفْسَهٗؕ وَلَقَدِ اصْطَفَيْنٰهُ فِي الدُّنْيَاۚ وَاِنَّهٗ فِي الْاٰخِرَةِ لَمِنَ الصّٰلِحِيْنَ ﴿١٣٠﴾

١٣١. ۽ انهيءَ شخص کانسواءِ جنهن پنهنجي پاڻ کي ماريو هجي ۽ ابراهيم جي دين کان ڪير منهن ڦيري سگهي ٿو ۽ اسان يقينن انهي کي (هن) دنيا ۾ بہ چونڊيو هو ۽ اهو آخرت ۾ بہ يقينن نيڪ ماڻهن ۾ (شمار)

ٿيندو.

إِذْ قَالَ لَهُ رَبُّهُ أَسْلِمْ قَالَ أَسْلَمْتُ لِرَبِّ الْعٰلَمِينَ ﴿١٣١﴾

١٣٢. جڏهن انهيءَ جي رب انهيءَ کي چيو تہ (اسلام آڻ) فرمانبرداري اختيار ڪر هن (جواب ۾) چيو تہ مان (تہ پهريائين کان) سڀني جهانن جي رب جي فرمانبرداري اختيار ڪري چڪو آهيان.

وَوَصّٰى بِهَا إِبْرٰهٖمُ بَنِيهِ وَيَعْقُوبُ يٰبَنِيَّ إِنَّ اللّٰهَ اصْطَفٰى لَكُمُ الدِّينَ فَلَا تَمُوتُنَّ إِلَّا وَأَنْتُمْ مُسْلِمُونَ ﴿١٣٢﴾

١٣٣. ۽ ابراهيم پنهنجي پٽن کي ۽ (اهڙي طرح) يعقوب بہ (پنهنجي پٽن کي) انهي ڳالهہ جو تاڪيد ڪيو (۽ چيو تہ) اي منهنجا پٽو! الله يقينن هن دين کي توهان لاءِ چونڊيو آهي. پوءِ هرگز نہ مرجو مگر انهيءَ حالت ۾ جو توهان (الله جا) پورا فرمانبردار هجو.

أَمْ كُنْتُمْ شُهَدَاءَ إِذْ حَضَرَ يَعْقُوبَ الْمَوْتُ إِذْ قَالَ لِبَنِيهِ مَا تَعْبُدُونَ مِنْ بَعْدِي قَالُوا نَعْبُدُ إِلٰهَكَ وَإِلٰهَ آبَائِكَ إِبْرٰهٖمَ وَإِسْمٰعِيلَ وَإِسْحٰقَ إِلٰهًا وَاحِدًا وَنَحْنُ لَهُ مُسْلِمُونَ ﴿١٣٣﴾

١٣٤. ڇا توهان انهيءَ وقت موجود هئو جڏهن يعقوب تي موت (جي گهڙي) آئي (۽) جڏهن انهي پنهنجي پٽن کي چيو تہ توهان منهنجي مرڻ کانپوءِ ڪنهن جي عبادت ڪندؤ؟ انهن (جواب ۾) چيو تہ اسان تنهنجي معبود ۽ تنهن جي پيءُ ڏاڏن ابراهيم ۽ اسماعيل ۽ اسحاق جي معبود جي جو هڪ ئي معبود آهي عبادت ڪنداسين ۽ اسان انهيءَ جا فرمانبردار آهيون.

تِلْكَ أُمَّةٌ قَدْ خَلَتْ لَهَا مَا كَسَبَتْ وَلَكُمْ مَا كَسَبْتُمْ وَلَا تُسْأَلُونَ عَمَّا كَانُوا يَعْمَلُونَ ﴿١٣٤﴾

١٣٥. هي اها جماعت آهي جيڪا (پنهن جو زمانو پورو ڪري) فوت ٿي چڪي آهي جيڪي ڪي انهي ڪمايو (انهيءَ جو نفعو نقصان) انهيءَ لاءِ آهي ۽ جيڪي ڪي توهان ڪمايو (انهيءَ جو نفعو نقصان) توهان لاءِ آهي ۽ جو ڪجهہ اهي ڪندا هئا انهيءَ جي متعلق توهان کان (ڪجهہ) نہ پڇيو ويندو.

وَقَالُوا كُونُوا هُودًا أَوْ نَصٰرٰى تَهْتَدُوا قُلْ

١٣٦. ۽ (ڇا توهان ٻڌو تہ) اهي هي بہ

بَلْ مِلَّةَ إِبْرٰهٖمَ حَنِيفًا ۖ وَمَا كَانَ مِنَ الْمُشْرِكِينَ ﴿١٣٥﴾

چون ٿا تہ يهودي يا عيسائي ٿي وڃو (اهڙي طرح) توهان هدايت حاصل ڪندؤ. تون (انهن کي) چؤ (تہ ائين) نہ پر ابراهيم جي دين کي جو (خدا جي طرف) جهڪڻ وارو هو (اختيار ڪيو) ۽ (ياد رکو تہ) اهو مشرڪن مان نہ هو.

قُولُوٓا اٰمَنَّا بِاللّٰهِ وَمَآ اُنْزِلَ اِلَيْنَا وَمَآ اُنْزِلَ اِلٰٓى اِبْرٰهٖمَ وَاِسْمٰعِيلَ وَاِسْحٰقَ وَيَعْقُوبَ وَالْاَسْبَاطِ وَمَآ اُوتِيَ مُوسٰى وَعِيسٰى وَمَآ اُوتِيَ النَّبِيُّونَ مِنْ رَّبِّهِمْ ۚ لَا نُفَرِّقُ بَيْنَ اَحَدٍ مِّنْهُمْ ۖ وَنَحْنُ لَهٗ مُسْلِمُونَ ﴿١٣٦﴾

١٣٧. توهان چؤ تہ اسان الله تي ۽ جو جيڪي کي اسان تي نازل ڪيو ويو آهي ۽ جيڪي کي ابراهيم, اسماعيل, اسحاق, يعقوب ۽ (انهي جي) اولاد تي نازل ٿيو هو ۽ جيڪي کي موسيٰ ۽ عيسيٰ کي ڏنو هو ۽ (اهڙي طرح) جو ڪجهہ (باقي) نبين کي انهن جي رب جي طرفان ڏنو ويو هو (انهي پوري وحيءَ تي) ايمان رکون ٿا اسين انهن مان هڪ (نبي ۽ ٻئي نبي) جي ۾ (ڪو) بہ فرق نٿا ڪيون ۽ اسان انهيءَ جا فرمانبردار آهيون.

فَاِنْ اٰمَنُوا بِمِثْلِ مَآ اٰمَنْتُمْ بِهٖ فَقَدِ اهْتَدَوْا ۚ وَاِنْ تَوَلَّوْا فَاِنَّمَا هُمْ فِي شِقَاقٍ ۚ فَسَيَكْفِيكَهُمُ اللّٰهُ ۚ وَهُوَ السَّمِيعُ الْعَلِيمُ ﴿١٣٧﴾

١٣٨. پوءِ جيڪڏهن اهي ماڻهو (اهڙي طرح) ايمان آڻين جهڙي طرح توهان انهي (تعليم) تي ايمان آندو آهي تہ (پوءِ) اهي هدايت حاصل ڪري ويا ۽ جيڪڏهن اهي ڦري وڃن تہ (سمجهو تہ) اهي صرف اختلاف (ڪرڻ) تي (ضد ڪيو بيٺا) آهن. انهيءَ صورت ۾ الله توکي ضرور انهن (جي شر) کان بچائيندو هو گهڻو ٻڌڻ وارو (۽) گهڻو ڄاڻڻ وارو آهي.

صِبْغَةَ اللّٰهِ ۚ وَمَنْ اَحْسَنُ مِنَ اللّٰهِ صِبْغَةً ۚ وَّنَحْنُ لَهٗ عٰبِدُونَ ﴿١٣٨﴾

١٣٩. (اي مسلمانو! انهن کي چئو تہ اسان تہ) الله جو دين (اختيار ڪنداسين) ۽ دين (سيکارڻ جي معاملي) ۾ الله کان ڪير بهتر ٿي سگهي ٿو ۽ اسين انهيءَ جي عبادت ڪرڻ وارا آهيون.

قُلْ اَتُحَآجُّوْنَنَا فِي اللّٰهِ وَهُوَ رَبُّنَا وَرَبُّكُمْ ۚ وَلَنَآ اَعْمَالُنَا وَلَكُمْ اَعْمَالُكُمْ ۚ وَنَحْنُ لَهٗ مُخْلِصُوْنَ ﴿١٣٩﴾

١٤٠- تون (انهن کي) چؤ ته ڇا توهان اسان سان الله جي متعلق تڪرار ڪيو ٿا جيتوڻيڪ هو اسان جو (به) رب آهي ۽ توهان جو (به) رب آهي ۽ اسان جا عمل اسان لاءِ آهن ۽ توهان جا عمل توهان لاءِ آهن ۽ اسان ته انهي سان خلوص (جو تعلق) رکون ٿا.

اَمْ تَقُوْلُوْنَ اِنَّ اِبْرٰهٖمَ وَاِسْمٰعِيْلَ وَاِسْحٰقَ وَيَعْقُوْبَ وَالْاَسْبَاطَ كَانُوْا هُوْدًا اَوْ نَصٰرٰى ۗ قُلْ ءَاَنْتُمْ اَعْلَمُ اَمِ اللّٰهُ ۗ وَمَنْ اَظْلَمُ مِمَّنْ كَتَمَ شَهَادَةً عِنْدَهٗ مِنَ اللّٰهِ ۗ وَمَا اللّٰهُ بِغَافِلٍ عَمَّا تَعْمَلُوْنَ ﴿١٤٠﴾

١٤١- (اي اهل ڪتاب!) ڇا توهان (هي) چئو ٿا ته ابراهيم ۽ اسماعيل ۽ اسحاق ۽ يعقوب ۽ (انهن جو) اولاد يهودي يا عيسائي هئا. تون (انهن کي) چؤ ته ڇا توهان وڌيڪ ڄاڻو ٿا يا الله ؟ ۽ انهيءَ کان وڌيڪ ظالم ڪير ٿي سگهي ٿو جيڪو انهي شاهديءَ کي جيڪا ان وٽ الله جي طرف کان هجي لڪائي، ۽ الله انهي کان هرگز ناواقف ڪونهي. جيڪي توهان ڪيو ٿا.

تِلْكَ اُمَّةٌ قَدْ خَلَتْ ۚ لَهَا مَا كَسَبَتْ وَلَكُمْ مَّا كَسَبْتُمْ ۚ وَلَا تُسْـَٔلُوْنَ عَمَّا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿١٤١﴾ ع

١٤٢- هيءَ اها جماعت آهي جيڪا (پنهنجو زمانو پورو ڪري) مري چڪي آهي. جيڪي ڪي انهي ڪمايو (انهي جو نفعو نقصان) انهي لاءِ آهي ۽ جيڪي ڪي توهان ڪمايو (انهي جو نفعو نقصان) توهان لاءِ آهي ۽ جيڪي ڪي اهي ڪندا هئا انهي جي متعلق توهان کان نه پڇيو ويندو.

سَيَقُوْلُ السُّفَهَآءُ مِنَ النَّاسِ مَا وَلّٰىهُمْ عَنْ قِبْلَتِهِمُ الَّتِيْ كَانُوْا عَلَيْهَا ۗ قُلْ لِّلّٰهِ الْمَشْرِقُ وَالْمَغْرِبُ ۗ يَهْدِيْ مَنْ يَّشَآءُ اِلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ ﴿١٤٢﴾

١٤٣- ڪم عقل ماڻهو ضرور چوندا ته انهن (مسلمانن) کي انهن جي انهيءَ قبلي کان جنهن تي اهي (پهرينءَ) هئا ڪهڙي شئي ڦيرائي ڇڏيو آهي (جڏهن اهي ائين چون) ته (انهن کي) چؤ ته اوڀر ۽ اولهه الله جائي آهن. اهو جنهن کي چاهيندو هڪ سڌي واٽ ڏيکاري ڇڏيندو.

وَكَذٰلِكَ جَعَلْنٰكُمْ اُمَّةً وَّسَطًا لِّتَكُوْنُوْا شُهَدَآءَ عَلَى

١٤٤- ۽ (اي مسلمانو! جهڙيءَ طرح اسان

النَّاسِ وَيَكُونَ الرَّسُولُ عَلَيْكُمْ شَهِيدًا ۗ وَمَا جَعَلْنَا
الْقِبْلَةَ الَّتِي كُنتَ عَلَيْهَا إِلَّا لِنَعْلَمَ مَن يَتَّبِعُ الرَّسُولَ
مِمَّن يَنقَلِبُ عَلَىٰ عَقِبَيْهِ ۚ وَإِن كَانَتْ لَكَبِيرَةً إِلَّا
عَلَى الَّذِينَ هَدَى اللَّهُ ۗ وَمَا كَانَ اللَّهُ لِيُضِيعَ إِيمَانَكُمْ ۚ
إِنَّ اللَّهَ بِالنَّاسِ لَرَءُوفٌ رَّحِيمٌ ﴿١٤٣﴾

توهان کي سڌي واٽ ڏيکاري آهي) اهڙيءَ طرح اسان توهان کي هڪ اعليٰ درجي جي امت بنايو آهي انهيءَ لاءِ تہ توهان (ٻين) ماڻهن جا نگران بڻجو. ۽ هيءَ رسول توهانتي نگران هجي ۽ اسان هن قبلي کي جنهن تي تون (هن کان پهرينءَ قائم) هئين صرف انهيءَ ڪري مقرر ڪيو هو تہ اسان انهيءَ شخص کي جيڪو هن رسول جي فرمانبرداري ڪريٿو. انهيءَ شخص جي مقابلي ۾ جيڪو ٿلڌي تي ڦري وڃي ٿو (هڪ ممتاز حيثيت ۾) ڄاڻي وٺون. ۽ هيءَ (امر) انهن ماڻهن کانسواءِ جنکي الله هدايت ڏني آهي (ٻين جي لاءِ) ضرور مشڪل آهي ۽ الله (اهڙو نہ آهي) جو توهانجي ايمان کي ضايع ڪري. الله يقيناً سڀني انسانن تي نهايت مهربان (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي.

قَدْ نَرَىٰ تَقَلُّبَ وَجْهِكَ فِي السَّمَاءِ ۖ فَلَنُوَلِّيَنَّكَ
قِبْلَةً تَرْضَاهَا ۚ فَوَلِّ وَجْهَكَ شَطْرَ الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ ۚ
وَحَيْثُ مَا كُنتُمْ فَوَلُّوا وُجُوهَكُمْ شَطْرَهُ ۗ وَإِنَّ
الَّذِينَ أُوتُوا الْكِتَابَ لَيَعْلَمُونَ أَنَّهُ الْحَقُّ مِن رَّبِّهِمْ ۗ
وَمَا اللَّهُ بِغَافِلٍ عَمَّا يَعْمَلُونَ ﴿١٤٤﴾

١٤٥ـ اسان تنهنجي ڌيان کي بار بار آسمان ڏانهن ڦرندي ڏسي رهيا آهيون انهيءَ ڪري اسان توکي ضرور انهيءَ قبلي ڏانهن ڦيرائي ڇڏينداسين جنهنکي تون پسند ڪريٿو سو (هاڻي) تون پنهن جو منهن مسجد الحرام ڏانهن ڦيرائي ڇڏ. ۽ (اي مسلمانو!) توهان (بہ) جتي بہ هجو انهيءَ ڏانهن پنهنجو منهن ڪندا ڪيو ۽ جن (ماڻهن) کي ڪتاب (يعني توريت) ڏنو ويو آهي اهي يقيناً ڄاڻن ٿا تہ هي (قبلي کي ڦيرائڻ جو حڪم) تنهنجي رب جي طرفان (موڪليل هڪ) صداقت آهي ۽ جيڪي ڪجهہ هي (ماڻهو) ڪري رهيا آهن الله انهيءَ کان هرگز بي خبر نہ آهي.

وَلَئِنْ أَتَيْتَ الَّذِينَ أُوتُوا الْكِتَابَ بِكُلِّ آيَةٍ مَّا تَبِعُوا

١٤٦ـ ۽ جن ماڻهن کي (توکان پهرين)

قِبۡلَتَكَ ۚ وَمَآ اَنۡتَ بِتَابِعٍ قِبۡلَتَهُمۡ ۚ وَمَا بَعۡضُهُمۡ بِتَابِعٍ
قِبۡلَةَ بَعۡضٍ ؕ وَلَئِنِ اتَّبَعۡتَ اَهۡوَآءَهُمۡ مِّنۡۢ بَعۡدِ مَا
جَآءَكَ مِنَ الۡعِلۡمِ ۙ اِنَّكَ اِذًا لَّمِنَ الظّٰلِمِيۡنَ ﴿۱۴۵﴾

ڪتاب ڏنو ويو آهي جيڪڏهين تون انهن وٽ هر هڪ (طرح جو) نشان (بہ) ڪٿي اچين (تڏهين بہ) اهي تنهنجي قبلي جي پيروي نہ ڪندا ۽ نہ تون انهن جي قبلي جي پيروي ڪري سگهين ٿو ۽ نہ انهن مان ڪابہ (ڌر) ٻيءَ (ڌر) جي قبلي جي پيروي ڪندي ۽ (اي مخاطب!) هن ڪانپوءِ بہ جو تو وٽ (الاهي) علم اچي چڪو آهي تو انهن جي خواهش جي پيروي ڪئي تہ يقينن انهيءَ صورت ۾ تون ظالمن ۾ (شمار) ٿيندين.

اَلَّذِيۡنَ اٰتَيۡنٰهُمُ الۡكِتٰبَ يَعۡرِفُوۡنَهٗ كَمَا يَعۡرِفُوۡنَ اَبۡنَآءَهُمۡ ؕ
وَاِنَّ فَرِيۡقًا مِّنۡهُمۡ لَيَكۡتُمُوۡنَ الۡحَقَّ وَهُمۡ يَعۡلَمُوۡنَ ﴿۱۴۶﴾

۱۴۷. اهي ماڻهو جن کي اسان ڪتاب ڏنو آهي اهي هن (سچائي) کي (اهڙيءَ طرح) سڃاڻن ٿا جهڙيءَ طرح پنهن جن پٽن کي سڃاڻن ٿا ۽ انهن مان ڪجهہ ماڻهو يقينن حق کي ڄاڻي ٻجهي لڪائين ٿا.

اَلۡحَقُّ مِنۡ رَّبِّكَ فَلَا تَكُوۡنَنَّ مِنَ الۡمُمۡتَرِيۡنَ ﴿۱۴۷﴾

۱۴۸. هي (مٿي ذڪر ڪيل) صداقت تنهن جي رب جي طرفان آهي پوءِ تون شڪ ڪرڻ وارن مان هرگز نہ بڻج.

وَلِكُلٍّ وِّجۡهَةٌ هُوَ مُوَلِّيۡهَا فَاسۡتَبِقُوا الۡخَيۡرٰتِ ؕ اَيۡنَ
مَا تَكُوۡنُوۡا يَاۡتِ بِكُمُ اللّٰهُ جَمِيۡعًا ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَلٰى كُلِّ
شَىۡءٍ قَدِيۡرٌ ﴿۱۴۸﴾

۱۴۹. ۽ هر هڪ (شخص) جو ڪونہ ڪو مقصد آهي جنهنکي اهو (پنهنجي پاڻ تي) مسلط ڪري ڇڏيندو آهي سو (توهانجي نظرني جو مقصد اهو هجي جو) توهان نيڪين (جي حاصل ڪرڻ) ۾ هڪ ٻني کان اڳتي وڌڻ جي ڪوشش ڪيو توهان جتي (بہ) هوندو الله توهانکي گڏ ڪري وٺي ايندو الله يقينن هر هڪ ڪم تي پورو (پورو) قادر آهي.

وَمِنۡ حَيۡثُ خَرَجۡتَ فَوَلِّ وَجۡهَكَ شَطۡرَ الۡمَسۡجِدِ
الۡحَرَامِ ؕ وَاِنَّهٗ لَلۡحَقُّ مِنۡ رَّبِّكَ ؕ وَمَا اللّٰهُ بِغَافِلٍ

۱۵۰. ۽ تون جنهن جڳهہ کان بہ نڪرين پنهنجو ڌيان مسجد حرام ڏانهن ڦيرائي ڇڏ ۽ هي (حڪم) يقينن تنهنجي رب جي طرفان

تي الله لعنت ڪريٿو ۽ (ٻيا) لعنت ڪرڻ وارا (بہ) لعنت ڪن ٿا.

إِلَّا الَّذِينَ تَابُوا وَأَصْلَحُوا وَبَيَّنُوا فَأُولَٰئِكَ أَتُوبُ عَلَيْهِمْ ۚ وَأَنَا التَّوَّابُ الرَّحِيمُ ﴿١٦٠﴾

١٦١. ها پر جن توبہ ڪري ورتي ۽ اصلاح ڪيو ۽ (خدا جي حڪمن کي) کولي بيان ڪري ڇڏيو تہ اھڙن ماڻھن تي مان فضل سان توجہ ڪندس ۽ مان (پنھنجن ٻانھن ڏانھن) ڏاڍو توجہ ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آھيان.

إِنَّ الَّذِينَ كَفَرُوا وَمَاتُوا وَهُمْ كُفَّارٌ أُولَٰئِكَ عَلَيْهِمْ لَعْنَةُ اللَّهِ وَالْمَلَائِكَةِ وَالنَّاسِ أَجْمَعِينَ ﴿١٦١﴾

١٦٢. جن ماڻھن انڪار ڪيو ۽ ڪفر جي ئي حالت ۾ مري ويا اھڙن ماڻھن تي يقينن الله جي ۽ فرشتن جي ۽ ماڻھن جي سڀني جي لعنت آھي.

خَالِدِينَ فِيهَا ۖ لَا يُخَفَّفُ عَنْهُمُ الْعَذَابُ وَلَا هُمْ يُنْظَرُونَ ﴿١٦٢﴾

١٦٣. اھي انھيءَ ۾ (ٻيا) ھوندا نہ (تہ) انھن (تان) عذاب ھلڪو ڪيو ويندو ۽ نہ انھن کي (ساھہ کڻڻ جي) مھلت ڏني ويندي.

وَإِلَٰهُكُمْ إِلَٰهٌ وَاحِدٌ ۖ لَا إِلَٰهَ إِلَّا هُوَ الرَّحْمَٰنُ الرَّحِيمُ ﴿١٦٣﴾ ع

١٦٤. ۽ توھانجو معبود (پنھنجي ذات ۾) واحد معبود آھي انھيءَ کانسواءِ ڪوبہ معبود نہ آھي ٻي حد ڪرم ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آھي.

إِنَّ فِي خَلْقِ السَّمَاوَاتِ وَالْأَرْضِ وَاخْتِلَافِ اللَّيْلِ وَالنَّهَارِ وَالْفُلْكِ الَّتِي تَجْرِي فِي الْبَحْرِ بِمَا يَنْفَعُ النَّاسَ وَمَا أَنْزَلَ اللَّهُ مِنَ السَّمَاءِ مِنْ مَاءٍ فَأَحْيَا بِهِ الْأَرْضَ بَعْدَ مَوْتِهَا وَبَثَّ فِيهَا مِنْ كُلِّ دَابَّةٍ وَتَصْرِيفِ الرِّيَاحِ وَالسَّحَابِ الْمُسَخَّرِ بَيْنَ السَّمَاءِ وَالْأَرْضِ لَآيَاتٍ لِقَوْمٍ يَعْقِلُونَ ﴿١٦٤﴾

١٦٥. آسمانن ۽ زمين جي پيدائش, رات ۽ ڏينھن جو اڳي پوءِ اچڻ ۽ انھن ٻيڙين ۾ جيڪي انسانن کي نفعو ڏيڻ واريون شيون کڻي سمنڊ ۾ ھلن ٿيون ۽ انھيءَ پاڻيءَ ۾ جنھنکي الله ڪڪرن مان لاٿو, پوءِ انھيءَ جي وسيلي زمين کي انھيءَ جي مرڻ کانپوءِ زندھہ ڪيو ۽ انھيءَ ۾ ھر ھڪ قسم جا جانور پکيڙيا ۽ ھوائن کي ھيڏانھن ھوڏانھن پکيڙڻ ۾ ۽ انھن ڪڪرن ۾ جيڪي آسمان ۽ زمين جي وچ ۾ مسخر آھن (يقينن) انھيءَ قوم

جي لاءِ جيڪا عقل کان ڪم وٺي ٿي ڪيترن (قسمن جا) نشان آهن.

وَمِنَ النَّاسِ مَنْ يَّتَّخِذُ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ اَنْدَادًا يُّحِبُّوْنَهُمْ كَحُبِّ اللّٰهِ ؕ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اَشَدُّ حُبًّا لِّلّٰهِ ؕ وَلَوْ يَرَى الَّذِيْنَ ظَلَمُوْٓا اِذْ يَرَوْنَ الْعَذَابَ ۙ اَنَّ الْقُوَّةَ لِلّٰهِ جَمِيْعًا ۙ وَّاَنَّ اللّٰهَ شَدِيْدُ الْعَذَابِ ﴿١٦٦﴾

١٦٦- ۽ ڪي ماڻهو اهڙا آهن جيڪي غير الله مان (الله جا) همسر بنائين ٿا اهي انهن سان الله جي محبت وانگر محبت ڪن ٿا ۽ جيڪي ماڻهو مومن آهن اهي سڀني کان وڌيڪ الله سان (ئي) محبت ڪن ٿا ۽ جيڪي ماڻهو (انهيءَ) ظلم جا مرتڪب ٿيا (آهن) جيڪڏهين اهي (انهيءَ گهڙيءَ کي) جڏهين اهي عذاب کي (سامهون) ڏسندا (ڪنهن به نموني هينئر) ڏسي وٺن ها (ته خبر پئجي وڃين ها) ته سڀ قوت الله کي ئي آهي ۽ اهو به ته الله سخت عذاب (ڏيڻ) وارو آهي.

اِذْ تَبَرَّاَ الَّذِيْنَ اتُّبِعُوْا مِنَ الَّذِيْنَ اتَّبَعُوْا وَرَاَوُا الْعَذَابَ وَتَقَطَّعَتْ بِهِمُ الْاَسْبَابُ ﴿١٦٧﴾

١٦٧- (۽ ڪاش جو اهي ماڻهو انهيءَ وقت کي ڏسي سگهن ها) جڏهين اهي ماڻهو جن جي فرمان برداري ڪئي ويندي هئي انهن ماڻهن کان جيڪي فرمانبردار هئا جدا ٿي ويندا ۽ عذاب کي (پنهنجن اکين سان) ڏسي وٺندا ۽ انهن (جي شرڪ جي سببان نجات) جا سڀئي ذريعا منقطع ٿي ويندا.

وَقَالَ الَّذِيْنَ اتَّبَعُوْا لَوْ اَنَّ لَنَا كَرَّةً فَنَتَبَرَّاَ مِنْهُمْ كَمَا تَبَرَّءُوْا مِنَّا ؕ كَذٰلِكَ يُرِيْهِمُ اللّٰهُ اَعْمَالَهُمْ حَسَرٰتٍ عَلَيْهِمْ ؕ وَمَا هُمْ بِخٰرِجِيْنَ مِنَ النَّارِ ﴿١٦٨﴾ ع

ع ٢٠

١٦٨- ۽ جيڪي ماڻهو (ڪفر جي ليڊرن جا) فرمان بردار هئا چوندا ته ڪاش اسانکي هڪ دفعو (وري دنيا ۾) واپس وڃڻ (نصيب) ٿئي ها ته اسان (به) انهن (ڪفر جي ليڊرن) کان جدا ٿي وڃون ها جهڙي طرح (اڄ) هي اسان کان جدا ٿي ويا. اهڙي طرح الله انهن کي ٻڌائيندو ته انهن جي عملن (جو نتيجو چند) حسرتون آهن (جيڪي) انهن تي (ٿي وبال بنجي پونديون) ۽ اهي

(دوزخ جي) باهہ مان هرگز نہ نڪري سگهندا.

يٰٓاَيُّهَا النَّاسُ كُلُوْا مِمَّا فِي الْاَرْضِ حَلٰلًا طَيِّبًا ۖ وَّلَا تَتَّبِعُوْا خُطُوٰتِ الشَّيْطٰنِ ۭ اِنَّهٗ لَكُمْ عَدُوٌّ مُّبِيْنٌ ﴿١٦٩﴾

١٦٩- اي انسانو! جيڪي ڪجهہ زمين ۾ آهي انهيءَ مان جيڪي ڪجهہ حلال ۽ پاڪيزه آهي (اهو) کائو ۽ شيطان جي پيروي نہ ڪريو اهو يقينن توهان جو ظاهر (ظهور) دشمن آهي.

اِنَّمَا يَاْمُرُكُمْ بِالسُّوْۗءِ وَالْفَحْشَاۗءِ وَاَنْ تَقُوْلُوْا عَلَي اللّٰهِ مَا لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿١٧٠﴾

١٧٠- اهو توهانکي صرف بدي ۽ بي حيائي ۽ انهيءَ (ڳالهہ) جي تہ توهان الله جي متعلق ڪوڙ ٻڌي اها ڳالهہ چئو جيڪا توهان نٿا ڄاڻو تلقين ڪريٿو.

وَاِذَا قِيْلَ لَهُمُ اتَّبِعُوْا مَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ قَالُوْا بَلْ نَتَّبِعُ مَآ اَلْفَيْنَا عَلَيْهِ اٰبَاۗءَنَا ۭ اَوَلَوْ كَانَ اٰبَاۗؤُهُمْ لَا يَعْقِلُوْنَ شَـيْــــًٔـا وَّلَا يَهْتَدُوْنَ ﴿١٧١﴾

١٧١- ۽ جڏهين انهن کي چيو وڃي ٿو تہ هن (ڪلام) جي جيڪو الله نازل ڪيو آهي پيروي ڪيو تہ اهي چون ٿا تہ (نہ) اسان تہ انهيءَ (طريقي) جي پيروي ڪنداسين جنهن تي اسان پنهن جي ابن ڏاڏن کي ڏٺو. ڀلا جيڪڏهن انهن جا ابا ڏاڏا ڪجهہ بہ عقل نہ رکندا هجن ۽ نہ سڌيءَ واٽ تي هلندا هجن (تہ پوءِ بہ اهي ائين ئي ڪندا).

وَمَثَلُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا كَمَثَلِ الَّذِيْ يَنْعِقُ بِمَا لَا يَسْمَعُ اِلَّا دُعَاۗءً وَّنِدَاۗءً ۭ صُمٌّۢ بُكْمٌ عُمْيٌ فَهُمْ لَا يَعْقِلُوْنَ ﴿١٧٢﴾

١٧٢- ۽ انهن ماڻهن جو حال جن ڪفر ڪيو آهي انهيءَ شخص جي حال وانگر آهي جيڪو انهيءَ شيءِ کي پڪاريٿو جيڪا سواءِ پڪار ۽ آواز جي ڪجهہ بہ نٿي ٻڌي (اهي ماڻهو) ٻوڙا گونگا ۽ انڌا آهن انهيءَ ڪري نٿا سمجهن.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا كُلُوْا مِنْ طَيِّبٰتِ مَا رَزَقْنٰكُمْ وَاشْكُرُوْا لِلّٰهِ اِنْ كُنْتُمْ اِيَّاهُ تَعْبُدُوْنَ ﴿١٧٣﴾

١٧٣- اي انسانو! جن ايمان آندو آهي! انهن پاڪيزه شين مان جيڪي اسان توهانکي ڏنيون آهن کائو ۽ جيڪڏهين توهان (واقعي) الله جي ئي عبادت ڪيو ٿا تہ انهيءَ جو شڪر (بہ) ادا ڪيو.

إِنَّمَا حَرَّمَ عَلَيْكُمُ الْمَيْتَةَ وَالدَّمَ وَلَحْمَ الْخِنْزِيرِ وَمَا أُهِلَّ بِهِ لِغَيْرِ اللَّهِ ۖ فَمَنِ اضْطُرَّ غَيْرَ بَاغٍ وَلَا عَادٍ فَلَا إِثْمَ عَلَيْهِ ۚ إِنَّ اللَّهَ غَفُورٌ رَحِيمٌ ﴿١٧٣﴾

١٧۴- انهيءَ توهانتي صرف مردار، خون، سوئر جي گوشت ۽ انهن شين کي جنکي الله کانسواءِ ڪنهن ٻئي سان نامزد ڪيو ويو هجي حرام ڪيو آهي پر جيڪو شخص (انهن شين جي استعمال تي) مجبور ٿي وڃي ۽ اهو نہ تہ قانون جو مقابلو ڪرڻ چاهيندو هجي ۽ نہ حد کان اڳتي نڪرڻ وارو هجي انهيءَ تي ڪوبہ گناهہ نہ آهي. الله يقينن وڏو بخشڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي.

إِنَّ الَّذِينَ يَكْتُمُونَ مَا أَنْزَلَ اللَّهُ مِنَ الْكِتَابِ وَيَشْتَرُونَ بِهِ ثَمَنًا قَلِيلًا ۙ أُولَٰئِكَ مَا يَأْكُلُونَ فِي بُطُونِهِمْ إِلَّا النَّارَ وَلَا يُكَلِّمُهُمُ اللَّهُ يَوْمَ الْقِيَامَةِ وَلَا يُزَكِّيهِمْ وَلَهُمْ عَذَابٌ أَلِيمٌ ﴿١٧٤﴾

١٧٥- جيڪي ماڻهو هن (تعليم) کي جيڪا الله (الاهي) ڪتاب (۾) نازل ڪئي آهي لڪائين ٿا ۽ انهيءَ جي عيوض ٿورڙي قيمت وٺن ٿا اهي يقينن پنهنجي پيٽ ۾ صرف باهہ وجهن ٿا ۽ قيامت جي ڏينهن الله نہ انهن سان ڪلام ڪندو ۽ نہ انهنکي پاڪ قرار ڏيندو ۽ انهن جي لاءِ دردناڪ عذاب (مقدر) آهي.

أُولَٰئِكَ الَّذِينَ اشْتَرَوُا الضَّلَالَةَ بِالْهُدَىٰ وَالْعَذَابَ بِالْمَغْفِرَةِ ۚ فَمَا أَصْبَرَهُمْ عَلَى النَّارِ ﴿١٧٥﴾

١٧٦- اهي ئي اهي ماڻهو آهن جن هدايت ڇڏي گمراهي ۽ مغفرت ڇڏي عذاب اختيار ڪيو آهي پوءِ باهہ (جي عذاب) تي انهن جي برداشت تعجب انگيز آهي.

ذَٰلِكَ بِأَنَّ اللَّهَ نَزَّلَ الْكِتَابَ بِالْحَقِّ ۗ وَإِنَّ الَّذِينَ اخْتَلَفُوا فِي الْكِتَابِ لَفِي شِقَاقٍ بَعِيدٍ ﴿١٧٦﴾ ع

١٧٧- هيءَ (عذاب) انهيءَ سبب جي ڪري هوندو جو الله هن ڪتاب کي (مشتمل) حق تي نازل ڪيو آهي ۽ جن ماڻهن هن ڪتاب جي باري ۾ اختلاف ڪيو آهي اهي يقينن وڏي دشمنيءَ ۾ (مبتلا) آهن.

لَيْسَ الْبِرَّ أَنْ تُوَلُّوا وُجُوهَكُمْ قِبَلَ الْمَشْرِقِ وَالْمَغْرِبِ وَلَٰكِنَّ الْبِرَّ مَنْ آمَنَ بِاللَّهِ وَالْيَوْمِ الْآخِرِ وَالْمَلَائِكَةِ وَالْكِتَابِ وَالنَّبِيِّينَ وَآتَى الْمَالَ عَلَىٰ

١٧٨- توهانجو اوير ۽ اولهہ ڏانهن منهن ڦيرائڻ ڪا وڏي نيڪي نہ آهي پر ڪامل نيڪ اهو شخص آهي جنهن الله، روز آخرت،

حُبِّهٖ ذَوِي الْقُرْبٰى وَالْيَتٰمٰى وَالْمَسٰكِيْنَ وَابْنَ السَّبِيْلِ
وَالسَّآئِلِيْنَ وَفِي الرِّقَابِ ۚ وَاَقَامَ الصَّلٰوةَ وَاٰتَى
الزَّكٰوةَ ۚ وَالْمُوْفُوْنَ بِعَهْدِهِمْ اِذَا عٰهَدُوْا ۚ وَالصّٰبِرِيْنَ
فِي الْبَاْسَآءِ وَالضَّرَّآءِ وَحِيْنَ الْبَاْسِ ؕ اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ
صَدَقُوْا ؕ وَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُتَّقُوْنَ ﴿١٧٧﴾

ملائڪن (الاهي) ڪتاب ۽ سڀني نبين تي ايمان آندو ۽ انهيءَ (الله) جي محبت جي سببان مائٽن ۽ يتيمن ۽ مسڪينن ۽ مسافر کي ۽ سوالين کي ۽ غلامن (جي آزاديءَ) جي لاءِ پنهنجو مال ڏنو ۽ نماز کي قائم رکيو ۽ زڪوات ادا ڪئي ۽ پنهنجي عهد کي جڏهن بہ (ڪو) عهد ڪن پورو ڪرڻ وارا ۽ (خاص ڪري) تنگي ۽ بيماريءَ ۾ ۽ جنگ جي وقت برداشت کان ڪم وٺڻ وارا (ڪامل نيڪ) آهن اهي ئي ماڻهو جيڪي (پنهنجي قول جا) سچا نڪتا ۽ اهي ئي ماڻهو ڪامل متقي آهن.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا كُتِبَ عَلَيْكُمُ الْقِصَاصُ فِي الْقَتْلٰى ؕ
اَلْحُرُّ بِالْحُرِّ وَالْعَبْدُ بِالْعَبْدِ وَالْاُنْثٰى بِالْاُنْثٰى ؕ فَمَنْ
عُفِيَ لَهٗ مِنْ اَخِيْهِ شَيْءٌ فَاتِّبَاعٌۢ بِالْمَعْرُوْفِ وَاَدَآءٌ
اِلَيْهِ بِاِحْسَانٍ ؕ ذٰلِكَ تَخْفِيْفٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ وَرَحْمَةٌ ؕ
فَمَنِ اعْتَدٰى بَعْدَ ذٰلِكَ فَلَهٗ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿١٧٨﴾

١٧٩- اي انسانو جن ايمان آندو آهي! توهان تي مقتولن جي باري ۾ هڪ جيترو بدلو وٺڻ فرض ڪيو ويو آهي، جيڪڏهين (قاتل) آزاد (مرد) هجي تہ انهيءَ آزاد (قاتل) کان ۽ جيڪڏهين (قاتل) غلام هجي تہ انهيءَ غلام (قاتل) کان ۽ جيڪڏهين (قاتل) عورت هجي تہ انهيءَ عورت (قاتل) کان. مگر جنهن (قاتل) کي انهيءَ جي ڀاءُ جي طرفان ڪجهہ (چٽي) معاف ڪئي وڃي تہ (مقتول جو وارث باقي چٽيءَ صرف) مناسب طور تي وصول ڪري سگهي ٿو ۽ (قاتل تي) عمدگيءَ سان (باقي چٽي) انهي کي ادا ڪري ڏيڻ (واجب) آهي. هي توهانجي رب جي طرفان تخفيف ۽ رحمت آهي پوءِ جيڪو شخص هن (حڪم) کانپوءِ بہ زيادتي ڪري انهيءَ جي لاءِ دردناڪ عذاب (مقدر) آهي.

وَلَكُمْ فِي الْقِصَاصِ حَيٰوةٌ يّٰٓاُولِي الْاَلْبَابِ لَعَلَّكُمْ
تَتَّقُوْنَ ﴿١٧٩﴾

١٨٠- ۽ اي عقل مندو! توهانجي لاءِ (هن) بدلي وٺڻ ۾ زندگيءَ (جو سامان) آهي (۽

هيءَ حڪم هن لاءِ آهي) تہ توهان بچي وڃو.

كُتِبَ عَلَيْكُمْ إِذَا حَضَرَ أَحَدَكُمُ الْمَوْتُ إِن تَرَكَ خَيْرًا ۖ الْوَصِيَّةُ لِلْوَالِدَيْنِ وَالْأَقْرَبِينَ بِالْمَعْرُوفِ ۖ حَقًّا عَلَى الْمُتَّقِينَ ﴿١٨١﴾

١٨١. جڏهين توهان مان ڪنهن تي موت (جو وقت) اچي وڃي تہ توهان تي بشرطيڪ اهو (مرڻ وارو) گهڻو مال ڇڏي.والدين ۽ قريبي رشتيدارن ڪي (امر) معروف جي وصيت ڪري وڃڻ فرض ڪيو ويو آهي (هيءَ ڳالهہ) متقين تي واجب آهي.

فَمَن بَدَّلَهُ بَعْدَ مَا سَمِعَهُ فَإِنَّمَا إِثْمُهُ عَلَى الَّذِينَ يُبَدِّلُونَهُ ۚ إِنَّ اللَّهَ سَمِيعٌ عَلِيمٌ ﴿١٨٢﴾

١٨٢. پر جيڪو شخص هن (وصيت) ڪي هنجي ٻڌڻ کان پوءِ بدلائي ڇڏي تہ انهيءَ جو گناهہ صرف انهن تي هوندو جيڪي انهيءَ کان بدلائي ڇڏين. الله يقينن ڏاڍو ٻڌڻ وارو (۽) ڏاڍو ڄاڻڻ وارو آهي.

فَمَنْ خَافَ مِن مُّوصٍ جَنَفًا أَوْ إِثْمًا فَأَصْلَحَ بَيْنَهُمْ فَلَا إِثْمَ عَلَيْهِ ۚ إِنَّ اللَّهَ غَفُورٌ رَّحِيمٌ ﴿١٨٣﴾ ع ٢٢

١٨٣. پوءِ جيڪو شخص ڪنهن وصيت ڪرڻ واري کان طرفداري يا گناهہ (جي سرزد هئڻ) جو خوف ڪري ۽ انهن ۾ صلح ڪرائي ڇڏي تہ انهيءَ تي ڪوبہ گناهہ نہ آهي الله يقينن وڏو بخشڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي.

يَا أَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا كُتِبَ عَلَيْكُمُ الصِّيَامُ كَمَا كُتِبَ عَلَى الَّذِينَ مِن قَبْلِكُمْ لَعَلَّكُمْ تَتَّقُونَ ﴿١٨٤﴾

١٨٤. اي انسانو جن ايمان آندو آهي! توهان تي (بہ) روزن جو رکڻ (اهڙيءَ طرح) فرض ڪيو ويو آهي جهڙيءَ طرح انهن ماڻهن تي فرض ڪيو ويو هو جيڪي توهان کان پهرئين گذري چڪا آهن. انهيءَ لاءِ تہ توهان (روحاني ۽ اخلاقي ڪمزورين کان) بچو.

أَيَّامًا مَّعْدُودَاتٍ ۚ فَمَن كَانَ مِنكُم مَّرِيضًا أَوْ عَلَىٰ سَفَرٍ فَعِدَّةٌ مِّنْ أَيَّامٍ أُخَرَ ۚ وَعَلَى الَّذِينَ يُطِيقُونَهُ فِدْيَةٌ طَعَامُ مِسْكِينٍ ۖ فَمَن تَطَوَّعَ خَيْرًا فَهُوَ خَيْرٌ

١٨٥. (سو توهان روزا رکو) ڪجهہ ڳاڻاڻي جا ڏينهن ۽ توهان مان جيڪو شخص مريض هجي يا سفر ۾ هجي تہ (انهيءَ ڪي) ٻين ڏينهن ۾ تعداد (پورو ڪرڻو) پوندو ۽ انهن ماڻهن تي جيڪي انهيءَ (يعني روزن) جي

لَهٗ ۚ وَاَنْ تَصُوْمُوْا خَيْرٌ لَّكُمْ اِنْ كُنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿۱۸۴﴾

طاقت نہ رکندا هجن (بطور فديہ) هڪ مسڪين جو کاڌو ڏيڻ (استطاعت مطابق) واجب آهي ۽ جيڪو شخص پوري فرمانبرداريءَ سا ڪو نيڪ ڪم ڪندو تہ اهو انهيءَ جي لاءِ بهتر ٿيندو ۽ جيڪڏهين توهان علم رکو ٿا تہ (سمجي سگهو ٿا تہ) توهانجو روزا رکڻ توهان جي لاءِ بهتر آهي.

شَهْرُ رَمَضَانَ الَّذِيْٓ اُنْزِلَ فِيْهِ الْقُرْاٰنُ هُدًى
لِّلنَّاسِ وَبَيِّنٰتٍ مِّنَ الْهُدٰى وَالْفُرْقَانِ ۚ فَمَنْ شَهِدَ
مِنْكُمُ الشَّهْرَ فَلْيَصُمْهُ ۭ وَمَنْ كَانَ مَرِيْضًا اَوْ عَلٰى
سَفَرٍ فَعِدَّةٌ مِّنْ اَيَّامٍ اُخَرَ ۭ يُرِيْدُ اللّٰهُ بِكُمُ
الْيُسْرَ وَلَا يُرِيْدُ بِكُمُ الْعُسْرَ ۡ وَلِتُكْمِلُوا الْعِدَّةَ
وَلِتُكَبِّرُوا اللّٰهَ عَلٰي مَا هَدٰىكُمْ وَلَعَلَّكُمْ
تَشْكُرُوْنَ ﴿۱۸۵﴾

۱۸۶- رمضان جو مهينو اهو (مهينو) آهي جنهن جي باري ۾ قرآن (ڪريم) نازل ڪيو ويو آهي (اهو قرآن) جيڪو سڀني انسانن جي لاءِ هدايت (بنائي موڪليو ويو) آهي جيڪو ڪليل دليل پنهنجي اندر رکي ٿو (اهڙا دليل) جيڪي هدايت پيدا ڪن ٿا ۽ انهيءَ سان گڏ (قرآن ۾) الاهي نشان بہ آهن انهيءَ ڪري توهان مان جيڪو شخص هن مهيني کي (اهڙي حال ۾) ڏسي (جو نہ مريض هجي نہ مسافر) انهيءَ کي گهرجي تہ اهو انهيءَ جا روزا رکي ۽ جيڪو شخص مريض هجي يا سفر ۾ هجي تہ انهيءَ تي ٻين ڏينهن ۾ تعداد (پورو ڪرڻ واجب) ٿيندو. الله توهان جي لاءِ آساني چاهيٿو ۽ توهانجي لاءِ تنگي نٿو چاهي. ۽ (هي حڪم انهي ان لاءِ ڏنو آهي تہ توهان تنگيءَ ۾ نہ پئو ۽) انهيءَ لاءِ تہ توهان تعداد کي پورو ڪري وٺو ۽ انهيءَ (ڳالهہ) تي الله جي وڏائي ڪيو جو انهيءَ توهان کي هدايت ڏني آهي ۽ انهيءَ لاءِ تہ توهان (انهيءَ جا) شڪر گذار بندا بنجو.

وَاِذَا سَاَلَكَ عِبَادِيْ عَنِّىْ فَاِنِّىْ قَرِيْبٌ ۭ اُجِيْبُ دَعْوَةَ
الدَّاعِ اِذَا دَعَانِ ۙ فَلْيَسْتَجِيْبُوْا لِيْ وَلْيُؤْمِنُوْا بِيْ لَعَلَّهُمْ

۱۸۷- ۽ (اي رسول!) جڏهين منهنجا ٻانها توکان منهن جي متعلق پڇن تہ (تون جواب ڏي تہ) مان (انهن) وٽ (ئي) آهيان. جڏهين

يَرْشُدُوْنَ ۝١٨٦

دعا ڪرڻ وارو مونکي پڪاري تہ مان انهيءَ جي دعا قبول ڪريان ٿو. سو گهرجي تہ اهي (دعا ڪرڻ وارا بہ) منهنجي حڪم کي قبول ڪن ۽ مون تي ايمان آڻين تہ اهي هدايت حاصل ڪن.

اُحِلَّ لَكُمْ لَيْلَةَ الصِّيَامِ الرَّفَثُ اِلٰى نِسَآىِٕكُمْ ؕ هُنَّ لِبَاسٌ لَّكُمْ وَاَنْتُمْ لِبَاسٌ لَّهُنَّ ؕ عَلِمَ اللّٰهُ اَنَّكُمْ كُنْتُمْ تَخْتَانُوْنَ اَنْفُسَكُمْ فَتَابَ عَلَيْكُمْ وَعَفَا عَنْكُمْ ۚ فَالْـٰٔنَ بَاشِرُوْهُنَّ وَابْتَغُوْا مَا كَتَبَ اللّٰهُ لَكُمْ ۪ وَكُلُوْا وَاشْرَبُوْا حَتّٰى يَتَبَيَّنَ لَكُمُ الْخَيْطُ الْاَبْيَضُ مِنَ الْخَيْطِ الْاَسْوَدِ مِنَ الْفَجْرِ ۪ ثُمَّ اَتِمُّوا الصِّيَامَ اِلَى الَّيْلِ ۚ وَلَا تُبَاشِرُوْهُنَّ وَاَنْتُمْ عٰكِفُوْنَ ۙ فِى الْمَسٰجِدِ ؕ تِلْكَ حُدُوْدُ اللّٰهِ فَلَا تَقْرَبُوْهَا ؕ كَذٰلِكَ يُبَيِّنُ اللّٰهُ اٰيٰتِهٖ لِلنَّاسِ لَعَلَّهُمْ يَتَّقُوْنَ ۝١٨٧

١٨٨۔ توهانکي روزن رکڻ وارين راتين ۾ پنهنجن زالن وٽ وڃڻ جي اجازت آهي اهي توهانجي لاءِ هڪ قسم جو لباس آهن ۽ توهان انهنجي لاءِ (هڪ قسم جو) لباس آهيو. الله کي معلوم آهي تہ توهان پنهنجي نفسن جي حق تلفي ڪندا هئا. تنهنڪري انهيءَ توهانتي فضل سان توجہ ڪيو ۽ توهان جي (انهيءَ حالت جي) اصلاح ڪري ڇڏي. سو هاڻي توهان (بنا هٻڪ) انهن وٽ وڃو ۽ جيڪي ڪجهہ الله توهانجي لاءِ مقدر ڪيو آهي انهيءَ جي ڳولا ڪيو. ۽ کائو ۽ پيئو ايستائين جو توهان کي صبح جي سفيد ڌار ڪاري ڌار کان جدا نظر اچڻ لڳي. انهيءَ کانپوءِ (صبح کان) رات تائين روزن جي تڪميل ڪيو ۽ جڏهين توهان مسجدن ۾ اعتڪاف ۾ هجو تہ انهن (يعني زالن) وٽ نہ وڃو. هي الله جون (مقرر ڪيل) حدون آهن انڪري توهان انهنجي ويجهو (بہ) نہ وڃو الله اهڙيءَ طرح ماڻهن جي لاءِ پنهن جا حڪم بيان ڪري ٿو انهيءَ لاءِ تہ اهي (تباهين کان) بچن.

وَلَا تَاْكُلُوْٓا اَمْوَالَكُمْ بَيْنَكُمْ بِالْبَاطِلِ وَتُدْلُوْا بِهَآ اِلَى الْحُكَّامِ لِتَاْكُلُوْا فَرِيْقًا مِّنْ اَمْوَالِ النَّاسِ بِالْاِثْمِ وَاَنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ۝١٨٨ ع

٢٣ ع

١٨٩۔ ۽ توهان پنهنجن (پاڻرن جو) جوڙ مال پاڻ ۾ (ملي ڪري) ڪوڙ (۽ فريب) جي ذريعي نہ کائو ۽ نہ انهن (مالن) کي (انهي غرض سان) حاڪمن ڏانهن ڇڪي وڃو ان لاءِ

تہ توهان ماڻهن جي مالن جو ڪو حصو ڄاڻي ٻجهي ناجائز طور تي هضم ڪري وڃو.

يَسْـَٔلُوْنَكَ عَنِ الْاَهِلَّةِ ۭ قُلْ هِيَ مَوَاقِيْتُ لِلنَّاسِ وَالْحَجِّ ۭ وَلَيْسَ الْبِرُّ بِاَنْ تَاْتُوا الْبُيُوْتَ مِنْ ظُهُوْرِهَا وَلٰكِنَّ الْبِرَّ مَنِ اتَّقٰى ۚ وَاْتُوا الْبُيُوْتَ مِنْ اَبْوَابِهَا ۠ وَاتَّقُوا اللّٰهَ لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ ﴿١٩٠﴾

١٩٠. توکان چنڊن جي باري ۾ سوال ڪن ٿا . تون چؤ تہ هي ماڻهن (جي عام ڪمن) ۽ حج جي لاءِ وقت معلوم ڪرڻ جا اوزار آهن ۽ اعليٰ نيڪي هي نہ آهي تہ توهان گهرن ۾ انهن جي پٺيان داخل ٿيو پر ڪامل نيڪ اهو شخص آهي جيڪو تقويٰ اختيار ڪري ۽ (توهان) گهرن ۾ انهن جي دروازن کان داخل ٿيندا ڪيو ۽ الله جي تقويٰ اختيار ڪيو انهيءَ جي لاءِ تہ توهان ڪامياب ٿي وڃو.

وَقَاتِلُوْا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ الَّذِيْنَ يُقَاتِلُوْنَكُمْ وَلَا تَعْتَدُوْا ۭ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُحِبُّ الْمُعْتَدِيْنَ ﴿١٩١﴾

١٩١. ۽ الله جي راهہ ۾ انهن ماڻهن سان جنگ ڪيو جيڪي توهان سان جنگ ڪن ٿا ۽ (ڪنهن تي) زيادتي نہ ڪيو (۽ ياد رکو تہ) الله زيادتي ڪرڻ وارن سان هرگز محبت نٿو ڪري.

وَاقْتُلُوْهُمْ حَيْثُ ثَقِفْتُمُوْهُمْ وَاَخْرِجُوْهُمْ مِّنْ حَيْثُ اَخْرَجُوْكُمْ وَالْفِتْنَةُ اَشَدُّ مِنَ الْقَتْلِ ۚ وَلَا تُقٰتِلُوْهُمْ عِنْدَ الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ حَتّٰى يُقٰتِلُوْكُمْ فِيْهِ ۚ فَاِنْ قٰتَلُوْكُمْ فَاقْتُلُوْهُمْ ۭ كَذٰلِكَ جَزَاۗءُ الْكٰفِرِيْنَ ﴿١٩٢﴾

١٩٢. ۽ جتي بہ انهن (ناحق وڙهڻ وارن) کي ڏسو انهن کي قتل ڪيو ۽ توهان (بہ) انهن کي انهيءَ جڳهہ مان ڪڍي ڇڏيو جتان انهن توهان کي ڪڍيو هو ۽ (اهو) فتنو قتل کان (بہ) وڌيڪ سخت (نقصان ڪار) آهي ۽ توهان انهن سان مسجد حرام جي ارد (گرد) ۾ (انهيءَ وقت تائين) جنگ نہ ڪيو جيستائين اهي (خود) توهان سان انهيءَ ۾ جنگ (جي ابتدا) نہ ڪن ۽ جيڪڏهين اهي توهان سان (اتي بہ) جنگ ڪن تہ توهان بہ انهن کي قتل ڪيو. انهن ڪافرن جي اهائي سزا آهي.

فَاِنِ انْتَهَوْا فَاِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿١٩٣﴾

١٩٣. پوءِ جيڪڏهين اهي باز اچي وڃن تہ الله يقينن وڏو بخشڻ وارو (۽) بار بار رحم

ڪرڻ وارو آهي.

وَقٰتِلُوْهُمْ حَتّٰى لَا تَكُوْنَ فِتْنَةٌ وَّيَكُوْنَ الدِّيْنُ لِلّٰهِ ۭ
فَاِنِ انْتَهَوْا فَلَا عُدْوَانَ اِلَّا عَلَى الظّٰلِمِيْنَ ﴿١٩٣﴾

١٩۴. ۽ توهان انهن سان انهيءَ وقت تائين جنگ ڪيو جو ڪوبه فتنو باقي نه رهي ۽ دين الله جي لاءِ ئي ٿي وڃي. پوءِ جيڪڏهين اهي باز اچي وڃن ته (ياد رکو ته) ظالمن کان سواءِ ڪنهن تي به پڪڙ (جائز) نه آهي.

اَلشَّهْرُ الْحَرَامُ بِالشَّهْرِ الْحَرَامِ وَالْحُرُمٰتُ قِصَاصٌ ۭ
فَمَنِ اعْتَدٰى عَلَيْكُمْ فَاعْتَدُوْا عَلَيْهِ بِمِثْلِ مَا اعْتَدٰى
عَلَيْكُمْ ۠ وَاتَّقُوا اللّٰهَ وَاعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ مَعَ الْمُتَّقِيْنَ ﴿١٩۴﴾

١٩٥. حرمت وارو مهينو حرمت واري مهيني جي بدلي ۾ آهي ۽ سڀني (ئي) عزت وارين شين (جي بي حرمتيءَ) جو بدلو ورتو وڃي ٿو. تنهنڪري جيڪو شخص توهان تي زيادتي ڪري توهان به انهيءَ کان (انهيءَ جي) زيادتيءَ جو جيتري قدر انهيءَ توهان تي زيادتي ڪئي هجي بدلو وٺو. ۽ الله جي تقويٰ اختيار ڪيو ۽ سمجهي ڇڏيو ته الله يقينن متقين سان (هوندو) آهي.

وَاَنْفِقُوْا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَلَا تُلْقُوْا بِاَيْدِيْكُمْ اِلَى التَّهْلُكَةِ ۛ
وَاَحْسِنُوْا ۛ اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿١٩٥﴾

معانقة عند المتقدمين

١٩٦. ۽ الله جي راهه ۾ (مال ۽ جان) خرچ ڪيو ۽ پنهنجي ئي هٿان (پنهنجي پاڻ کي) تباهيءَ ۾ نه وجهو ۽ احسان کان ڪم وٺو. الله احسان ڪرڻ وارن سان يقينن محبت ڪري ٿو.

وَاَتِمُّوا الْحَجَّ وَالْعُمْرَةَ لِلّٰهِ ۭ فَاِنْ اُحْصِرْتُمْ فَمَا اسْتَيْسَرَ
مِنَ الْهَدْيِ ۚ وَلَا تَحْلِقُوْا رُءُوْسَكُمْ حَتّٰى يَبْلُغَ الْهَدْيُ
مَحِلَّهٗ ۭ فَمَنْ كَانَ مِنْكُمْ مَّرِيْضًا اَوْ بِهٖٓ اَذًى مِّنْ رَّاْسِهٖ
فَفِدْيَةٌ مِّنْ صِيَامٍ اَوْ صَدَقَةٍ اَوْ نُسُكٍ ۚ فَاِذَآ اَمِنْتُمْ ۣ
فَمَنْ تَمَتَّعَ بِالْعُمْرَةِ اِلَى الْحَجِّ فَمَا اسْتَيْسَرَ مِنَ
الْهَدْيِ ۚ فَمَنْ لَّمْ يَجِدْ فَصِيَامُ ثَلٰثَةِ اَيَّامٍ فِي الْحَجِّ
وَسَبْعَةٍ اِذَا رَجَعْتُمْ ۭ تِلْكَ عَشَرَةٌ كَامِلَةٌ ۭ ذٰلِكَ لِمَنْ

١٩٧. ۽ حج ۽ عمري کي الله (جي رضا) جي لاءِ پورو ڪيو. پوءِ جيڪڏهين توهان ڪنهن سبب جي ڪري حج ۽ عمري کان روڪيا وڃو ته جيڪا قرباني ميسر اچي (ذبح ڪيو) ۽ جيستائين قرباني پنهنجي جاءِ تي (نه) پهچي وڃي پنهن جا مٿا نه ڪوڙيو ۽ جيڪو توهان مان بيمار هجي يا پنهنجي مٿي (جي بيماريءَ جي سبب) ڪري انهيءَ کي تڪليف (پهچي رهي) هجي (۽ اهو مٿو

لَمْ يَكُنْ اَهْلُهٗ حَاضِرِي الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ ۭ وَاتَّقُوا اللّٰهَ
وَاعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ شَدِيْدُ الْعِقَابِ ﴿۱۹۶﴾ ع ۲۴

كوڙائي ڄڏي) انهي تي (انهي سبب جي كري) روزن يا صدقي يا قرباني جي قسم مان كجهه فديو (واجب) ٿيندو - پوءِ جڏهين توهان امن ۾ اچي وڃو تہ (انهيءَ وقت) جيكو شخص عمري جو فائدو (اهڙي) حج سان (ملائي) كڻي تہ جيكا قرباني بہ آسانيءَ سان ملي سگهي (كري ڇڏي) ۽ جيكو (كنهن قربانيءَ جي بہ توفيق) نہ ركي (تنهن تي) ٽن ڏينهن جا روزا تہ حج (جي ڏينهن) ۾ (واجب) ٿيندا ۽ ست (روزا) جڏهين (اي مسلمانو!) توهان (پنهن جن گهرن ڏانهن) واپس (موٽي) اچو. هي پورا ڏهہ ٿيا. هي (حكم) انهيءَ شخص جي لاءِ آهي جنهن جي گهر وارا مسجد حرام جي پرسان رهڻ وارا نہ هجن ۽ توهان الله جي تقويٰ اختيار كيو ۽ سمجهي ڇڏيو تہ الله جي سزا يقينن سخت (ٿيندي) آهي.

اَلْحَجُّ اَشْهُرٌ مَّعْلُوْمٰتٌ ۚ فَمَنْ فَرَضَ فِيْهِنَّ الْحَجَّ
فَلَا رَفَثَ وَلَا فُسُوْقَ ۙ وَلَا جِدَالَ فِي الْحَجِّ ۭ وَمَا
تَفْعَلُوْا مِنْ خَيْرٍ يَّعْلَمْهُ اللّٰهُ ۭ وَتَزَوَّدُوْا فَاِنَّ خَيْرَ
الزَّادِ التَّقْوٰى ۡ وَاتَّقُوْنِ يٰٓاُولِي الْاَلْبَابِ ﴿۱۹۷﴾

۱۹۸- حج (جا مهينا) (سيني جا) ڄاتل سڃاتل مهينا آهن. پوءِ جيكو شخص انهن ۾ حج (جو ارادو) پختو كري وٺي (انهيءَ كي ياد رهي تہ) حج (جي ڏينهن) ۾ نہ تہ كا شهوت جي ڳالهہ نہ كا نافرماني ۽ نہ كنهن جو جهڳڙو كرڻ (جائز) ٿيندو ۽ نيكي (جو) جيكو (كم) بہ توهان كندؤ الله (ضرور) انهي (جي قدر) كي سڃاڻي وٺندو ۽ رستي جو ٿمر (ساڻ) كڻو - ۽ (ياد ركو تہ) بهتر راهہ جو ٿمر تقويٰ آهي ۽ اي عقل مندو! منهن جي تقويٰ اختيار كيو.

لَيْسَ عَلَيْكُمْ جُنَاحٌ اَنْ تَبْتَغُوْا فَضْلًا مِّنْ رَّبِّكُمْ ۭ
فَاِذَآ اَفَضْتُمْ مِّنْ عَرَفٰتٍ فَاذْكُرُوا اللّٰهَ عِنْدَ الْمَشْعَرِ

۱۹۹- توهانجي لاءِ (هي) كا گناهہ (جي ڳالهہ) نہ آهي تہ (حج جي ڏينهن ۾) توهان پنهنجي رب جي كنهن فضل جي ڳولا

الْحَرَامِ وَاذْكُرُوهُ كَمَا هَدَاكُمْ وَإِن كُنتُم مِّن قَبْلِهِ لَمِنَ الضَّالِّينَ ﴿١٩٩﴾

ڪيو. پوءِ جڏهين توهان عرفات کان موٽو تہ مشعرالحرام وٽ الله جو ذڪر ڪيو ۽ جهڙي طرح انهيءَ توهانکي هدايت ڏني آهي (انهيءَ جي مطابق) انهي کي ياد ڪيو ۽ انهيءَ کان پهرين توهان يقينن گمراهن مان هئا.

ثُمَّ أَفِيضُوا مِنْ حَيْثُ أَفَاضَ النَّاسُ وَاسْتَغْفِرُوا اللَّهَ ۚ إِنَّ اللَّهَ غَفُورٌ رَّحِيمٌ ﴿٢٠٠﴾

۲۰۰- ۽ جتان کان ماڻهو (واپس) موٽندا رهيا آهن اتان کان توهان بہ (واپس) موٽو ۽ الله کان مغفرت طلب ڪيو. الله يقينن ڏاڍو بخشڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي.

فَإِذَا قَضَيْتُم مَّنَاسِكَكُمْ فَاذْكُرُوا اللَّهَ كَذِكْرِكُمْ آبَاءَكُمْ أَوْ أَشَدَّ ذِكْرًا ۗ فَمِنَ النَّاسِ مَن يَقُولُ رَبَّنَا آتِنَا فِي الدُّنْيَا وَمَا لَهُ فِي الْآخِرَةِ مِنْ خَلَاقٍ ﴿٢٠١﴾

۲۰۱- پوءِ جڏهين توهان پنهن جون عبادتون پوريون ڪري ڇڏيو (تہ گذريل زماني ۾) پنهن جن ابن ڏاڏن کي ياد ڪرڻ وانگر الله کي ياد ڪيو يا (جيڪڏهين ٿي سگهي تہ) (انهيءَ کان بہ) وڌيڪ (دل لڳيءَ سان) ياد ڪيو ۽ ڪجهہ ماڻهو اهڙا آهن جيڪي (اهو ٿي) چوندا رهندا آهن تہ اسانجا رب ! اسانکي هن دنيا ۾ (آرام) ڏي انهن جو آخرت ۾ ڪجهہ بہ حصو نہ هوندو آهي.

وَمِنْهُم مَّن يَقُولُ رَبَّنَا آتِنَا فِي الدُّنْيَا حَسَنَةً وَفِي الْآخِرَةِ حَسَنَةً وَقِنَا عَذَابَ النَّارِ ﴿٢٠٢﴾

۲۰۲- ۽ انهن مان ڪجهہ (اهڙا بہ هوندا) آهن جيڪي چون ٿا تہ اي اسانجا رب ! اسانکي (هن) دنيا (جي زندگي) ۾ (بہ) ڪاميابي ڏي ۽ آخرت ۾ (بہ) ڪاميابي (ڏي) ۽ اسانکي باهہ جي عذاب کان بچاءِ.

أُولَٰئِكَ لَهُمْ نَصِيبٌ مِّمَّا كَسَبُوا ۚ وَاللَّهُ سَرِيعُ الْحِسَابِ ﴿٢٠٣﴾

۲۰۳- اهي ئي (اهي ماڻهو) آهن جن جي لاءِ انهن جي (نيڪ) ڪمائي جي سبب جي ڪري (ثواب جو) هڪ تمام وڏو حصو (مقدر) آهي ۽ الله (تمام) جلد حساب چڪائي ڇڏيندو.

وَاذْكُرُوا اللّٰهَ فِيْٓ اَيَّامٍ مَّعْدُوْدٰتٍ ۭ فَمَنْ تَعَجَّلَ فِيْ يَوْمَيْنِ فَلَآ اِثْمَ عَلَيْهِ ۚ وَمَنْ تَاَخَّرَ فَلَآ اِثْمَ عَلَيْهِ ۙ لِمَنِ اتَّقٰى ۭ وَاتَّقُوا اللّٰهَ وَاعْلَمُوْٓا اَنَّكُمْ اِلَيْهِ تُحْشَرُوْنَ ﴿٢٠٣﴾

٢٠٤. ۽ (انهن) مقرر ڏينهن ۾ الله کي ياد ڪيو پوءِ جيڪو شخص جلدي ڪري (۽) ٻن ڏينهن ۾ (ئي واپس هليو وڃي) ته انهيءَ کي ڪوبه گناهه نه آهي ۽ جيڪو پوئتي رهجي وڃي انهيءَ کي (به) ڪو گناهه نه آهي (هيءُ واعدو) انهيءَ شخص جي لاءِ آهي جيڪو تقويٰ اختيار ڪري ۽ توهان الله جي تقويٰ اختيار ڪيو ۽ سمجهي ڇڏيو ته (هڪ ڏينهن) توهان سڀني کي گڏ ڪري انهيءَ جي حضور نيو ويندو.

وَمِنَ النَّاسِ مَنْ يُّعْجِبُكَ قَوْلُهٗ فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَيُشْهِدُ اللّٰهَ عَلٰي مَا فِيْ قَلْبِهٖ ۙ وَھُوَ اَلَدُّ الْخِصَامِ ﴿٢٠٤﴾

٢٠٥. ۽ ڪي ماڻهو اهڙا (به هوندا) آهن جن جون ڳالهيون (هن) دنيا جي زندگيءَ جي متعلق توکي (گهڻو) پسنديده معلوم ٿين ٿيون ۽ اهي (ڳالهه ڪرڻ وقت) الله کي انهي (اخلاص) تي جيڪو انهن جي دل ۾ آهي شاهد ڪندا وڃن ٿا حالانڪ اهي (حقيقت ۾) سڀني جهڳڙي ڪندڙن کان وڌيڪ جهڳڙو ڪندڙ هوندا آهن.

وَاِذَا تَوَلّٰى سَعٰى فِي الْاَرْضِ لِيُفْسِدَ فِيْهَا وَيُهْلِكَ الْحَرْثَ وَالنَّسْلَ ۭ وَاللّٰهُ لَا يُحِبُّ الْفَسَادَ ﴿٢٠٥﴾

٢٠٦. ۽ جڏهين حاڪم ٿي وڃن ٿا ته فساد (پيدا) ڪرڻ ۽ پوک (راهي) ۽ مخلوق کي تباهه ڪرڻ جي غرض سان (سڄي) ملڪ ۾ ڊوڙندا رهن ٿا حالانڪ الله فساد کي پسند نٿو ڪري.

وَاِذَا قِيْلَ لَهُ اتَّقِ اللّٰهَ اَخَذَتْهُ الْعِزَّةُ بِالْاِثْمِ فَحَسْبُهٗ جَهَنَّمُ ۭ وَلَبِئْسَ الْمِهَادُ ﴿٢٠٦﴾

٢٠٧. ۽ جڏهين انهن کي چيو وڃي ٿو ته الله جي تقويٰ اختيار ڪيو ته (پنهنجي) عزت (جي ڪوشش) انهن کي گناهه تي آماده ڪري ٿي ڇڏي. پوءِ اهڙي (قسم جي ماڻهن) جي لاءِ جهنم ڪافي آهي ۽ اهو يقينن ڏاڍو برو ٺڪاڻو آهي.

وَمِنَ النَّاسِ مَنْ يَّشْرِيْ نَفْسَهُ ابْتِغَاۗءَ مَرْضَاتِ اللّٰهِ

٢٠٨. ۽ ڪي ماڻهو اهڙا (به) هوندا آهن

وَاللّٰهُ رَءُوْفٌۢ بِالْعِبَادِ ﴿٢٠٧﴾

جيڪي الله جي رضا حاصل ڪرڻ جي لاءِ پنهنجي جان کي وڪڻي وهندا آهن ۽ الله (پنهن جن اهڙن مخلص) ٻانهن تي وڏي شفقت ڪرڻ وارو آهي.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا ادْخُلُوْا فِي السِّلْمِ كَاۗفَّةً ۠ وَ لَا تَتَّبِعُوْا خُطُوٰتِ الشَّيْطٰنِ ۭ اِنَّهٗ لَكُمْ عَدُوٌّ مُّبِيْنٌ ﴿٢٠٨﴾

٢٠٩- اي انسانو! جن ايمان آندو آهي توهان سڀيئي فرمانبرداري (جي دائري) ۾ اچي وڃو ۽ شيطان جي پيروي نہ ڪريو اهو يقينن توهانجو ظاهر (ظهور) دشمن آهي.

فَاِنْ زَلَلْتُمْ مِّنْۢ بَعْدِ مَا جَاۗءَتْكُمُ الْبَيِّنٰتُ فَاعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ عَزِيْزٌ حَكِيْمٌ ﴿٢٠٩﴾

٢١٠- ۽ جيڪڏهين باوجود انهيءَ جي جو توهان وٽ ظاهر (ظهور) نشان آيا آهن ٿڙڪي وڃو تہ سمجهي ڇڏيو تہ الله يقينن غالب (۽) حڪمت وارو آهي.

هَلْ يَنْظُرُوْنَ اِلَّآ اَنْ يَّاْتِيَهُمُ اللّٰهُ فِيْ ظُلَلٍ مِّنَ الْغَمَامِ وَالْمَلٰۗىِٕكَةُ وَقُضِيَ الْاَمْرُ ۭ وَاِلَى اللّٰهِ تُرْجَعُ الْاُمُوْرُ ﴿٢١٠﴾ ع

٢٥ ع١٤ ٩

٢١١- اهي (ماڻهو) انهيءَ کان سواءِ ڪهڙي (ڳالهہ) جو انتظار ڪري رهيا آهن تہ الله انهن وٽ ڪڪرن جي ڇانون ۾ اچي ۽ فرشتا (بہ اچن) ۽ ڳالهہ جو فيصلو ڪيو وڃي ۽ سڀ ڪم الله ڏانهن ئي موٽايا وڃن ٿا.

سَلْ بَنِيْٓ اِسْرَاۗءِيْلَ كَمْ اٰتَيْنٰهُمْ مِّنْ اٰيَةٍۢ بَيِّنَةٍ ۭ وَمَنْ يُّبَدِّلْ نِعْمَةَ اللّٰهِ مِنْۢ بَعْدِ مَا جَاۗءَتْهُ فَاِنَّ اللّٰهَ شَدِيْدُ الْعِقَابِ ﴿٢١١﴾

٢١٢- (تون) بني اسرائيل کان پڇو (تہ) اسان انهن کي ڪيترا ظاهر ظهور نشان ڏنا هئا ۽ جيڪو شخص الله جي (ڪنهن) نعمت کي بعد انهيءَ جي جو اها انهيءَ کي حاصل ٿي وڃي (۽ اهو انهيءَ حقيقت کي سمجهي چڪو هجي) بدلائي ڇڏي تہ (اهو ياد رکي تہ) الله (بہ) سخت سزا ڏيڻ وارو آهي.

زُيِّنَ لِلَّذِيْنَ كَفَرُوا الْحَيٰوةُ الدُّنْيَا وَيَسْخَرُوْنَ مِنَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا ۘ وَالَّذِيْنَ اتَّقَوْا فَوْقَهُمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ ۭ وَاللّٰهُ يَرْزُقُ مَنْ يَّشَاۗءُ بِغَيْرِ حِسَابٍ ﴿٢١٢﴾

نصف الحزب

٢١٣- جن ماڻهن ڪفر اختيار ڪيو آهي انهن کي دنيوي زندگي سهڻي ڪري ڏيکاري وئي آهي ۽ اهي انهن ماڻهن سان جن ايمان آندو آهي مسخري ڪن ٿا ۽ (انهن جي مقابلي ۾) جن ماڻهن تقويٰ اختيار ڪئي آهي اهي انهن

(ڪافرن) تي قيامت جي ڏينهن غالب هوندا ۽ الله جنهن کي پسند ڪري ٿو انهيءَ کي بي حساب ڏيئي ٿو.

كَانَ النَّاسُ أُمَّةً وَّاحِدَةً ۫ فَبَعَثَ اللّٰهُ النَّبِيّٖنَ
مُبَشِّرِيْنَ وَ مُنْذِرِيْنَ ۪ وَاَنْزَلَ مَعَهُمُ الْكِتٰبَ بِالْحَقِّ
لِيَحْكُمَ بَيْنَ النَّاسِ فِيْمَا اخْتَلَفُوْا فِيْهِ ؕ وَ مَا اخْتَلَفَ
فِيْهِ اِلَّا الَّذِيْنَ اُوْتُوْهُ مِنْۢ بَعْدِ مَا جَآءَتْهُمُ الْبَيِّنٰتُ
بَغْيًۢا بَيْنَهُمْ ۚ فَهَدَى اللّٰهُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لِمَا اخْتَلَفُوْا
فِيْهِ مِنَ الْحَقِّ بِاِذْنِهٖ ؕ وَ اللّٰهُ يَهْدِيْ مَنْ يَّشَآءُ
اِلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ ﴿۲۱۳﴾

٢١٤. سڀئي ماڻهو هڪ ئي (خيال جا) هئا پوءِ الله نبين کي مبشر ۽ منذر بنائي موڪليو ۽ انهن ساڻ حق تي مشتمل ڪتاب نازل ڪيو انهيءَ لاءِ تہ اهو (يعني الله) ماڻهن جي وچہ انهن ڳالهين جي متعلق جن ۾ انهن اختلاف پيدا ڪري ڇڏيو هو فيصلو ڪري (ٿيو هينئن جو) صرف انهن ئي ماڻهن جنکي اهو ڪتاب ڏنو ويو هو انهيءَ کانپوءِ جو انهن وٽ ظاهر (ظهور) نشان اچي چڪا هئا. هڪ ٻئي سان سرڪشي (۽ فساد) جي سببان انهي (يعني ڪتاب) جي باري ۾ اختلاف ڪيو پوءِ الله مومنن کي پنهنجي حڪم سان انهيءَ صداقت تائين وٺي ويو جنهن جي باري ۾ ٻين ماڻهن اختلاف کان ڪم ورتو هو ۽ الله جنهن کي پسند ڪري ٿو سڌيءَ راهہ تي هلائي ڇڏي ٿو.

اَمْ حَسِبْتُمْ اَنْ تَدْخُلُوا الْجَنَّةَ وَ لَمَّا يَاْتِكُمْ مَّثَلُ
الَّذِيْنَ خَلَوْا مِنْ قَبْلِكُمْ ؕ مَسَّتْهُمُ الْبَاْسَآءُ وَ الضَّرَّآءُ
وَ زُلْزِلُوْا حَتّٰى يَقُوْلَ الرَّسُوْلُ وَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مَعَهٗ
مَتٰى نَصْرُ اللّٰهِ ؕ اَلَاۤ اِنَّ نَصْرَ اللّٰهِ قَرِيْبٌ ﴿۲۱۴﴾

٢١٥. ڇا توهان سمجهي ڇڏيو آهي تہ باوجود انهيءَ جي جو هاڻي توهانتي انهن ماڻهن جهڙي (تڪليف جي) حالت نہ آئي آهي جيڪي توهان کان پهرين گذريا آهن توهان جنت ۾ داخل ٿي ويندو ؟ انهنکي تنگي (بہ) ملي ۽ تڪليف (بہ) ۽ انهن کي ڏاڍو خوف ڏياريو ويو انهيءَ لاءِ تہ (انهيءَ وقت جو) رسول ۽ انهيءَ سان گڏ ايمان وارا چئي اٿن تہ الله جي مدد ڪڏهين ايندي - ياد رکو! الله جي مدد يقينن ويجهڙي آهي.

يَسْـَٔلُوْنَكَ مَاذَا يُنْفِقُوْنَ ؕ قُلْ مَاۤ اَنْفَقْتُمْ مِّنْ

٢١٦. اهي توکان سوال ڪن ٿا تہ ڇا خرچ

خَيْرٍ فَلِلْوَالِدَيْنِ وَالْاَقْرَبِيْنَ وَالْيَتٰمٰى وَالْمَسٰكِيْنِ
وَابْنِ السَّبِيْلِ ؕ وَمَا تَفْعَلُوْا مِنْ خَيْرٍ فَاِنَّ اللّٰهَ بِهٖ
عَلِيْمٌ ﴿٢١٥﴾

ڪن؟ تون چؤ (تہ) جيڪو چڱو مال بہ توهان ڏيو. اهو (توهانجي) ماء پيء قريبي رشتيدارن. يتيمن مسڪينن ۽ مسافر جو (پهريون) حق آهي ۽ جيڪو نيڪ ڪم بہ توهان ڪيو الله انهيءَ کي يقينن چڱيءَ طرح ڄاڻي ٿو.

كُتِبَ عَلَيْكُمُ الْقِتَالُ وَهُوَ كُرْهٌ لَّكُمْ ۚ وَعَسٰٓى اَنْ
تَكْرَهُوْا شَيْـًٔا وَّهُوَ خَيْرٌ لَّكُمْ ۚ وَعَسٰٓى اَنْ تُحِبُّوْا
شَيْـًٔا وَّهُوَ شَرٌّ لَّكُمْ ؕ وَاللّٰهُ يَعْلَمُ وَاَنْتُمْ لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿٢١٦﴾ ع

٢١٦. جنگ ڪرڻ توهانتي فرض ڪيو ٿو وڃي (۽) اهڙيءَ حالت ۾ (فرض ڪيو وڃي ٿو) جو اهو توهانکي نا پسند آهي ۽ بلڪل ممڪن آهي جو توهان ڪنهن شئي کي نا پسند ڪندا هجو حالانڪ اها توهان جي لاءِ بهتر هجي ۽ (اهو بہ) ممڪن آهي جو توهان ڪنهن شئي کي پسند ڪندا هجو حالانڪ اها توهان جي لاءِ ٻي شئي جي نسبت بري هجي ۽ الله ڄاڻي ٿو ۽ توهان نٿا ڄاڻو.

يَسْـَٔلُوْنَكَ عَنِ الشَّهْرِ الْحَرَامِ قِتَالٍ فِيْهِ ؕ قُلْ قِتَالٌ
فِيْهِ كَبِيْرٌ ؕ وَصَدٌّ عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَكُفْرٌۢ بِهٖ وَ
الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ ۗ وَاِخْرَاجُ اَهْلِهٖ مِنْهُ اَكْبَرُ عِنْدَ
اللّٰهِ ۚ وَالْفِتْنَةُ اَكْبَرُ مِنَ الْقَتْلِ ؕ وَلَا يَزَالُوْنَ
يُقَاتِلُوْنَكُمْ حَتّٰى يَرُدُّوْكُمْ عَنْ دِيْنِكُمْ اِنِ اسْتَطَاعُوْا ؕ
وَمَنْ يَّرْتَدِدْ مِنْكُمْ عَنْ دِيْنِهٖ فَيَمُتْ وَهُوَ كَافِرٌ
فَاُولٰٓئِكَ حَبِطَتْ اَعْمَالُهُمْ فِى الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةِ ۚ وَاُولٰٓئِكَ
اَصْحٰبُ النَّارِ ۚ هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿٢١٧﴾

٢١٧. هي (ماڻهو) توکان حرمت واري مهيني جي باري ۾ يعني انهيءَ ۾ جنگ ڪرڻ جي متعلق سوال ڪن ٿا تون چؤ (تہ) انهيءَ ۾ جنگ ڪرڻ وڏي (خرابي جي) ڳالهہ آهي ۽ الله جي رستي کان روڪڻ ۽ انهيءَ جو (يعني الله جو) ۽ عزت واري مسجد جو انڪار ڪرڻ ۽ انهيءَ جي رهاڪن کي انهيءَ مان ڪڍي ڇڏڻ الله جي نزديڪ (انهيءَ کان بہ) وڏي ڳالهہ آهي ۽ فتنو (فساد) قتل کان بہ وڌو (گناهہ) آهي ۽ هي ماڻهو جيڪڏهين انهن جي طاقت ۾ هجي تہ توهان سان وڙهندائي رهن انهيءَ لاءِ تہ توهانکي توهانجي دين کان ڦيرائي ڇڏين ۽ توهان مان جيڪو (بہ) پنهنجي دين کان ڦري وڃي (۽) پوءِ ڪفر

جي حالت ۾ ٿي مري (ب۔) وڃي تہ (اهو ياد رکي تہ) اهڙن ماڻهن جا عمل هن دنيا ۾ (ب۔) ۽ آخرت ۾ (ب۔) اجايا ويندا ۽ اهڙا ماڻهو دوزخ (جي باهہ ۾ پوڻ) وارا آهن. اهي انهيءَ ۾ (دير تائين) رهندا.

اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ الَّذِيْنَ هَاجَرُوْا وَجٰهَدُوْا فِيْ
سَبِيْلِ اللّٰهِ ۙ اُولٰٓئِكَ يَرْجُوْنَ رَحْمَتَ اللّٰهِ ۭ وَ اللّٰهُ
غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿٢١٩﴾

٢١٩۔ جن ماڻهن ايمان آندو آهي ۽ جن هجرت ڪئي آهي ۽ الله جي رستي ۾ جهاد ڪيو آهي اهڙا ماڻهو يقينن الله جي رحمت جا اميدوار آهن ۽ الله ڏاڍو بخشڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي.

يَسْــَٔلُوْنَكَ عَنِ الْخَمْرِ وَ الْمَيْسِرِ ۭ قُلْ فِيْهِمَآ اِثْمٌ
كَبِيْرٌ وَّ مَنَافِعُ لِلنَّاسِ ۡ وَ اِثْمُهُمَآ اَكْبَرُ مِنْ نَّفْعِهِمَا ۭ وَ
يَسْــَٔلُوْنَكَ مَاذَا يُنْفِقُوْنَ ڛ قُلِ الْعَفْوَ ۭ كَذٰلِكَ يُبَيِّنُ اللّٰهُ
لَكُمُ الْاٰيٰتِ لَعَلَّكُمْ تَتَفَكَّرُوْنَ ﴿٢٢٠﴾ ۙ

٢٢۔ اهي توکان شراب ۽ جوا جي متعلق پڇن ٿا تون چؤ (تہ) انهن (ڪمن) ۾ وڏو گناهہ (۽ نقصان) آهي ۽ ماڻهن جي لاءِ انهن ۾ (ڪيترائي) فائدا (ب۔) آهن ۽ انهن جو گناهہ (۽ نقصان) انهن جي نفعي کان تمام وڏو آهي ۽ اهي (ماڻهو) توکان (هيءَ ب۔) پڇن ٿا تہ اهي (يعني سائل) ڇا خرچ ڪن؟ تون چؤ تہ جيترو تڪليف ۾ نہ وجهي. اهڙيءَ طرح الله پنهن جا حڪم توهانجي لاءِ بيان ڪريٿو انهيءَ لاءِ تہ توهان سوچ کان ڪم وٺو.

فِي الدُّنْيَا وَ الْاٰخِرَةِ ۭ وَ يَسْــَٔلُوْنَكَ عَنِ الْيَتٰمٰى ۭ قُلْ اِصْلَاحٌ
لَّهُمْ خَيْرٌ ۭ وَ اِنْ تُخَالِطُوْهُمْ فَاِخْوَانُكُمْ ۭ وَ اللّٰهُ يَعْلَمُ
الْمُفْسِدَ مِنَ الْمُصْلِحِ ۭ وَ لَوْ شَاۗءَ اللّٰهُ لَاَعْنَتَكُمْ ۭ اِنَّ اللّٰهَ
عَزِيْزٌ حَكِيْمٌ ﴿٢٢١﴾

٢٢١۔ هن جهان جي باري ۾ (ب۔) ۽ آخرت جي باري ۾ ب۔ ۽ هي (ماڻهو) توکان يتيمن جي باري ۾ (ب۔) پڇن ٿا. تون چؤ (تہ) انهن جي اصلاح تمام سٺو ڪم آهي ۽ جيڪڏهن توهان انهن سان ملي جلي رهو تہ (انهيءَ ۾ ڪوبہ حرج نہ آهي ڇاڪاڻ تہ) اهي توهانجا ڀائر ئي آهن ۽ الله فساد ڪرڻ واري کي اصلاح ڪرڻ واري جي مقابلي ۾ چڱيءَ طرح ڄاڻي ٿو ۽ جيڪڏهن الله چاهي

ها تہ توهانکي تکليف ۾ وجهي ڇڏي ها.
الله يقينن غالب (۽) حڪمت وارو آهي.

وَلَا تَنْكِحُوا الْمُشْرِكٰتِ حَتّٰى يُؤْمِنَّ ۚ وَلَاَمَةٌ مُّؤْمِنَةٌ
خَيْرٌ مِّنْ مُّشْرِكَةٍ وَّلَوْ اَعْجَبَتْكُمْ ۚ وَلَا تُنْكِحُوا الْمُشْرِكِيْنَ
حَتّٰى يُؤْمِنُوْا ۚ وَلَعَبْدٌ مُّؤْمِنٌ خَيْرٌ مِّنْ مُّشْرِكٍ وَّ لَوْ
اَعْجَبَكُمْ ۚ اُولٰٓئِكَ يَدْعُوْنَ اِلَى النَّارِ ۚ وَاللّٰهُ يَدْعُوْٓا
اِلَى الْجَنَّةِ وَالْمَغْفِرَةِ بِاِذْنِهٖ ۚ وَيُبَيِّنُ اٰيٰتِهٖ لِلنَّاسِ
لَعَلَّهُمْ يَتَذَكَّرُوْنَ ﴿٢٢١﴾ ع

٢٢٢- ۽ توهان مشرڪ عورتن سان جيستائين اهي ايمان نہ آڻين نڪاح نہ ڪيو ۽ هڪ مومن ٻانهي هڪ مشرڪ عورت کان خواهہ اها توهانکي (ڪيتري ئي) پسند هجي يقينن بهتر آهي ۽ مشرڪن سان جيستائين اهي ايمان نہ آڻين (مسلمان عورتون) نہ پرڻايو ۽ هڪ مومن غلام هڪ مشرڪ (آزاد) کان (بہ) خواهہ اهو توهانکي (ڪيترو ئي) پسند هجي يقينن بهتر آهي. هي ماڻهو(تہ) باهہ ڏانهن سڏين ٿا ۽ الله پنهنجي حڪم جي ذريعي جنت ۽ مغفرت ڏانهن سڏي ٿو ۽ ماڻهن جي لاءِ پنهنجي (معرفت جون) نشانيون کولي (کولي) بيان ڪري ٿو انهيءَ لاءِ تہ اهي نصيحت حاصل ڪن.

وَيَسْـَٔلُوْنَكَ عَنِ الْمَحِيْضِ ۚ قُلْ هُوَ اَذًى ۙ فَاعْتَزِلُوا
النِّسَآءَ فِي الْمَحِيْضِ ۙ وَلَا تَقْرَبُوْهُنَّ حَتّٰى يَطْهُرْنَ ۚ
فَاِذَا تَطَهَّرْنَ فَاْتُوْهُنَّ مِنْ حَيْثُ اَمَرَكُمُ اللّٰهُ ۚ اِنَّ
اللّٰهَ يُحِبُّ التَّوَّابِيْنَ وَيُحِبُّ الْمُتَطَهِّرِيْنَ ﴿٢٢٢﴾

٢٢٣- ۽ هي (ماڻهو) توکان حيض جي (ڏينهن ۾ عورت وٽ وڃڻ جي) باري ۾ (بہ) سوال ڪن ٿا تون چؤ (تہ) اهو هڪ نقصان دهہ (ڪم) آهي. تنهنڪري توهان عورتن کان حيض (جي ڏينهن) ۾ عليحده رهو. ۽ جيستائين اهي پاڪ (صاف) نہ ٿي وڃن انهن وٽ نہ وڃو. پوءِ جڏهين اهي غسل ڪري پاڪ ٿي وڃن تہ جتان الله توهانکي حڪم ڏنو آهي انهن وٽ اچو. الله انهن سان جيڪي انهيءَ ڏانهن بار بار رجوع ڪن ٿا يقينن محبت ڪري ٿو ۽(ظاهري ۽ باطني) صفائي رکڻ وارن سان (بہ يقينن) محبت ڪري ٿو.

نِسَآؤُكُمْ حَرْثٌ لَّكُمْ ۚ فَاْتُوْا حَرْثَكُمْ اَنّٰى شِئْتُمْ ۚ وَ

٢٢٤- توهانجون زالون توهان جي لاءِ (هڪ

قَدِّمُوْا لِاَنْفُسِكُمْ وَاتَّقُوا اللّٰهَ وَاعْلَمُوْٓا اَنَّكُمْ مُّلٰقُوْهُ وَبَشِّرِ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿۲۲۴﴾

قسم جي) پوک آهن. تنهن ڪري توهان جيئن بہ چاهيو پنهنجي پوک وٽ اچو ۽ پنهنجي لاءِ (ڪجهہ) اڳتي موڪليو ۽ الله جي تقويٰ اختيار ڪيو ۽ سمجهي ڇڏيو تہ توهان انهيءَ جي روبرو ٿيڻ وارا آهيو ۽ تون مومنن کي (انهيءَ ڏينهن جي باري ۾) خوش خبري ڏي.

وَلَا تَجْعَلُوا اللّٰهَ عُرْضَةً لِّاَيْمَانِكُمْ اَنْ تَبَرُّوْا وَتَتَّقُوْا وَتُصْلِحُوْا بَيْنَ النَّاسِ ۗ وَاللّٰهُ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ﴿۲۲۵﴾

۲۲۵۔ ۽ توهان نيڪ سلوڪ ڪرڻ، تقويٰ ڪرڻ ۽ ماڻهن جي وچ ۾ اصلاح ڪرڻ (جي معاملات) ۾ الله کي پنهن جي قسمن جو نشانو نہ بنايو. ۽ الله ڏاڍو ٻڌڻ وارو (۽) ڏاڍو ڄاڻڻ وارو آهي.

لَا يُؤَاخِذُكُمُ اللّٰهُ بِاللَّغْوِ فِيْٓ اَيْمَانِكُمْ وَلٰكِنْ يُّؤَاخِذُكُمْ بِمَا كَسَبَتْ قُلُوْبُكُمْ ۗ وَاللّٰهُ غَفُوْرٌ حَلِيْمٌ ﴿۲۲۶﴾

۲۲۶۔ الله توهانجن قسمن مان بيهودن (قسمن) تي توهان کان پڇاڻو نہ ڪندو ها جيڪو (گناهہ) توهانجي دل (ارادتن) ڪمايو انهيءَ تي توهان کان پڇاڻو ڪندو ۽ الله ڏاڍو بخشڻ وارو (۽) بردبار آهي.

لِلَّذِيْنَ يُؤْلُوْنَ مِنْ نِّسَآئِهِمْ تَرَبُّصُ اَرْبَعَةِ اَشْهُرٍ ۚ فَاِنْ فَآءُوْ فَاِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿۲۲۷﴾

۲۲۷۔ جيڪي ماڻهو پنهن جن زالن جي متعلق قسم کڻي (انهن کان عليحدگي اختيار ڪري) ٿا ورن انهن جي لاءِ (صرف) چئن مهينن تائين انتظار ڪرڻ (جائز) آهي پوءِ جي ڪڏهين (انهيءَ عرصي ۾ صلح جي خيال جي طرف) موٽي اچن تہ الله يقينن ڏاڍو بخشڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي.

وَاِنْ عَزَمُوا الطَّلَاقَ فَاِنَّ اللّٰهَ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ﴿۲۲۸﴾

۲۲۸۔ ۽ جيڪڏهين اهي طلاق جو فيصلو ڪري ڇڏين تہ الله يقينن ڏاڍو ٻڌڻ وارو (۽) ڏاڍو ڄاڻڻ وارو آهي.

وَالْمُطَلَّقٰتُ يَتَرَبَّصْنَ بِاَنْفُسِهِنَّ ثَلٰثَةَ قُرُوْٓءٍ ۗ وَ

۲۲۹۔ ۽ جن عورتن کي طلاق ملي وڃي اهي ٽي (دفعا) حيض (اچڻ) تائين پنهنجي پاڻ

لَا يَحِلُّ لَهُنَّ اَنْ يَّكْتُمْنَ مَا خَلَقَ اللّٰهُ فِيْٓ اَرْحَامِهِنَّ
اِنْ كُنَّ يُؤْمِنَّ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِؕ وَبُعُوْلَتُهُنَّ اَحَقُّ
بِرَدِّهِنَّ فِيْ ذٰلِكَ اِنْ اَرَادُوْٓا اِصْلَاحًاؕ وَلَهُنَّ مِثْلُ
الَّذِيْ عَلَيْهِنَّ بِالْمَعْرُوْفِ۪ وَلِلرِّجَالِ عَلَيْهِنَّ دَرَجَةٌؕ
وَاللّٰهُ عَزِيْزٌ حَكِيْمٌ ﴿٢٢٨﴾ ع ٢٨ ١٢

اَلطَّلَاقُ مَرَّتٰنِ۪ فَاِمْسَاكٌۢ بِمَعْرُوْفٍ اَوْ تَسْرِيْحٌۢ بِاِحْسَانٍؕ
وَلَا يَحِلُّ لَكُمْ اَنْ تَاْخُذُوْا مِمَّآ اٰتَيْتُمُوْهُنَّ شَيْـًٔا اِلَّآ
اَنْ يَّخَافَآ اَلَّا يُقِيْمَا حُدُوْدَ اللّٰهِؕ فَاِنْ خِفْتُمْ اَلَّا يُقِيْمَا
حُدُوْدَ اللّٰهِۙ فَلَا جُنَاحَ عَلَيْهِمَا فِيْمَا افْتَدَتْ بِهٖؕ تِلْكَ
حُدُوْدُ اللّٰهِ فَلَا تَعْتَدُوْهَاۚ وَمَنْ يَّتَعَدَّ حُدُوْدَ اللّٰهِ
فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الظّٰلِمُوْنَ ﴿٢٢٩﴾

کي روکي رکن ۽ جي کڏهين انهن کي الله (تي) ۽ آخرت جي ڏينهن تي ايمان آهي تہ (انهن کي معلوم هئڻ گهرجي تہ) جيڪي ڪجهہ الله انهن جي رحم ۾ پيدا ڪري رکيو آهي انهن جي لاءِ انهيءَ جو لڪائڻ جائز نہ آهي ۽ جي کڏهين انهن جا مڙس پاڻ ۾ اصلاح جو ارادو ڪري وٺن تہ اهي انهيءَ (مدت) جي اندر انهن کي (پنهن جي زوجيت ۾) واپس وٺڻ جا حقدار آهن ۽ جهڙيءَ طرح انهن (عورتن) تي ڪجهہ زميداريون آهن (اهڙيءَ طرح ئي) دستور جي مطابق انهن کي بہ (ڪجهہ حق) حاصل آهن. ها پر مردن کي انهن تي هڪ طرح جي فوقيت حاصل آهي ۽ الله غالب (۽) حڪمت وارو آهي.

٢٣٠. اهڙي طلاق (جنهن ۾ رجوع ٿي سگهي) ٻہ دفعا (ٿي سگهي) ٿي. پوءِ (يا تہ) مناسب طور تي روڪڻو پوندو يا احسن سلوڪ سان رخصت ڪرڻو پوندو ۽ توهان جي لاءِ انهيءَ (مال) جو جيڪو توهان انهن کي ٻهرين ڏني چڪا آهيو، ڪوبہ حصو (واپس) وٺڻ جائز نہ آهي. سواءِ انهيءَ (صورت) جي جو (ٻنهي) کي انديشو هجي تہ اهي الله جي (مقرر ڪيل) حدن کي قائم رکي نہ سگهندا. سو جي کڏهين توهان کي اهو انديشو هجي تہ اهي (ٻئي) الله جي (مقرر ڪيل) حدن کي قائم نہ رکي سگهندا تہ اها (عورت) جيڪي ڪجهہ بطور فديہ ڏئي انهيءَ جي باري ۾ انهن (ٻنهي مان ڪنهن) کي ڪوبہ گناهہ نہ ٿيندو هي الله جون (مقرر ڪيل) حدون آهن تنهن ڪري توهان انهن کان ٻاهر نہ نڪرو ۽ جيڪي

ماٺهو الله جي (مقرر ڪيل) حدن کان ٻاهر نڪري وڃن تہ (سمجهي وڃو) اهي ئي ماٺهو (اصل) ظالم آهن.

فَإِنْ طَلَّقَهَا فَلَا تَحِلُّ لَهُ مِنْ بَعْدُ حَتَّىٰ تَنْكِحَ زَوْجًا غَيْرَهُ ۗ فَإِنْ طَلَّقَهَا فَلَا جُنَاحَ عَلَيْهِمَا أَنْ يَتَرَاجَعَا إِنْ ظَنَّا أَنْ يُقِيمَا حُدُودَ اللَّهِ ۗ وَتِلْكَ حُدُودُ اللَّهِ يُبَيِّنُهَا لِقَوْمٍ يَعْلَمُونَ ﴿٢٣٠﴾

۲۳۱. پوءِ جيڪڏهين (مٿي بيان ڪيل ٻن طلاقن جي گذري وڃڻ کانپوءِ ٻـ مڙس انهيءَ کي ٽين) طلاق ڏيئي ڇڏي تہ اها عورت انهيءَ جي لاءِ جائز نہ ٿيندي جيستائين جو اها انهيءَ کانسواءِ (ڪنهن ٻئي) مڙس وٽ نہ وڃي. پر جي ڪڏهين اهو (ٻـ) انهيءَ کي طلاق ڏيئي ڇڏي تہ انهن ٻنهي کي بشرطيڪ انهن کي يقين هجي تہ اهي الله جي (مقرر ڪيل) حدن کي قائم رکي سگهندا پاڻ ۾ ٻيهر رجوع ڪرڻ تي ڪوبہ گناهہ نہ ٿيندو ۽ هي الله جي (مقرر ڪيل) حدون آهن جنکي اهو علم وارن ماٺهن جي لاءِ کولي بيان ڪري ٿو.

وَإِذَا طَلَّقْتُمُ النِّسَاءَ فَبَلَغْنَ أَجَلَهُنَّ فَأَمْسِكُوهُنَّ بِمَعْرُوفٍ أَوْ سَرِّحُوهُنَّ بِمَعْرُوفٍ ۚ وَلَا تُمْسِكُوهُنَّ ضِرَارًا لِتَعْتَدُوا ۚ وَمَنْ يَفْعَلْ ذَٰلِكَ فَقَدْ ظَلَمَ نَفْسَهُ ۚ وَلَا تَتَّخِذُوا آيَاتِ اللَّهِ هُزُوًا ۚ وَاذْكُرُوا نِعْمَتَ اللَّهِ عَلَيْكُمْ وَمَا أَنْزَلَ عَلَيْكُمْ مِنَ الْكِتَابِ وَالْحِكْمَةِ يَعِظُكُمْ بِهِ ۚ وَاتَّقُوا اللَّهَ وَاعْلَمُوا أَنَّ اللَّهَ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيمٌ ﴿٢٣١﴾ ع

۲۳۲. ۽ جڏهين توهان عورتن کي طلاق ڏيو ۽ اهي پنهنجي مقرر مدت (جي آخري حد) کي پهچي وڃن تہ يا تہ انهن کي مناسب طور تي روڪي وٺو يا انهن کي مناسب طور تي رخصت ڪري ڇڏيو ۽ انهن کي تڪليف ڏيڻ جي لاءِ (انهيءَ نيت سان) تہ (اڳتي هلي وري) انهن تي زيادتي ڪيو نہ روڪيو. ۽ جيڪو شخص ائين ڪري تہ (سمجهي ڇڏيو تہ) انهيءَ پنهنجي جان تي (ئي) ظلم ڪيو آهي ۽ توهان الله جي حڪمن کي مسخريءَ جو موقعو نہ بنايو ۽ توهان تي جيڪو الله جو انعام (ٿيو) آهي (انهيءَ کي) ياد رکو ۽ (انهيءَ کي بہ ياد رکو) جيڪو انهيءَ توهانتي نازل ڪيو آهي. يعني ڪتاب ۽

حڪمت (کي) جو اهو انهيءَ جي ذريعي توهانکي نصيحت ڪري ٿو ۽ الله جي تقوي اختيار ڪيو ۽ سمجهي ڇڏيو تہ الله هر هڪ ڳالهہ کي چڱيءَ طرح ڄاڻي ٿو.

وَإِذَا طَلَّقْتُمُ النِّسَآءَ فَبَلَغْنَ أَجَلَهُنَّ فَلَا تَعْضُلُوهُنَّ أَنْ يَنْكِحْنَ أَزْوَاجَهُنَّ إِذَا تَرَاضَوْا بَيْنَهُمْ بِالْمَعْرُوفِ ۗ ذٰلِكَ يُوعَظُ بِهٖ مَنْ كَانَ مِنْكُمْ يُؤْمِنُ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ ۗ ذٰلِكُمْ أَزْكٰى لَكُمْ وَأَطْهَرُ ۗ وَاللّٰهُ يَعْلَمُ وَأَنْتُمْ لَا تَعْلَمُونَ ﴿٢٣٢﴾

٢٣٣. ۽ جڏهن توهان عورتن کي طلاق ڏيو ۽ اهي پنهن جي عدت کي پورو ڪري ڇڏين تہ توهان انهن کي جڏهن اهي نيڪ طريقي تي هڪ ٻئي سان رضامند ٿي وڃن پنهن جن مڙسن سان نڪاح ڪرڻ کان نہ روڪيو. هي (اها ڳالهہ) آهي جو جنهن جي توهان مان هر انهيءَ شخص کي جيڪو الله تي ۽ روز آخرت تي ايمان آڻي ٿو، نصيحت ڪئي وڃي ٿي (۽ سمجهي ڇڏيو تہ) هي ڳالهہ توهانجي حق ۾ سڀ کان وڌيڪ برڪت واري ۽ سڀ کان وڌيڪ پاڪيزه آهي ۽ الله ڄاڻي ٿو ۽ توهان نٿا ڄاڻو.

وَالْوٰلِدٰتُ يُرْضِعْنَ أَوْلَادَهُنَّ حَوْلَيْنِ كَامِلَيْنِ لِمَنْ أَرَادَ أَنْ يُتِمَّ الرَّضَاعَةَ ۗ وَعَلَى الْمَوْلُودِ لَهٗ رِزْقُهُنَّ وَكِسْوَتُهُنَّ بِالْمَعْرُوفِ ۗ لَا تُكَلَّفُ نَفْسٌ إِلَّا وُسْعَهَا ۚ لَا تُضَآرَّ وَالِدَةٌ بِوَلَدِهَا وَلَا مَوْلُودٌ لَهٗ بِوَلَدِهٖ ۚ وَعَلَى الْوَارِثِ مِثْلُ ذٰلِكَ ۚ فَإِنْ أَرَادَا فِصَالًا عَنْ تَرَاضٍ مِنْهُمَا وَتَشَاوُرٍ فَلَا جُنَاحَ عَلَيْهِمَا ۗ وَإِنْ أَرَدْتُّمْ أَنْ تَسْتَرْضِعُوٓا أَوْلَادَكُمْ فَلَا جُنَاحَ عَلَيْكُمْ إِذَا سَلَّمْتُمْ مَّآ اٰتَيْتُمْ بِالْمَعْرُوفِ ۗ وَاتَّقُوا اللّٰهَ وَاعْلَمُوٓا أَنَّ اللّٰهَ بِمَا تَعْمَلُونَ بَصِيرٌ ﴿٢٣٣﴾

٢٣٤. ۽ مائرون پنهنجن ٻارن کي پورن ٻن سالن تائين کير پيارن (هي هدايت) انهن جي لاءِ (آهي) جيڪي کير پيارڻ (جي ڪم) کي (انهيءَ جي مقرر ڪيل مدت تائين) پورو ڪرڻ چاهين. ۽ جنهن جو ٻار آهي انهيءَ جي ذمي مطابق دستور انهن (کير پيارڻ وارين) جو کاڌو ۽ انهن جي پوشاڪ آهي. ڪنهن بہ شخص تي انهيءَ جي طاقت کان وڌيڪ ذميداري نٿي وڌي وڃي. ڪنهن ماءُ کي پنهنجي ٻار جي ذريعي ڏک نہ ڏنو وڃي ۽ نہ پيءُ کي انهيءَ جي ٻار جي سببان (ڏک ڏنو وڃي) ۽ وارث تي (بہ) ائين ئي (ڪرڻ لازم) آهي ۽ جي ڪڏهن اهي ٻئي هڪ ٻئي جي رضامندي ۽ باهمي مشوري سان کير ڇڏائڻ چاهين تہ (انهيءَ ۾) انهن تي ڪو بہ

گناهہ نہ آهي ۽ جيڪڏهن توهان پنهنجي ٻارن کي (ڪنهن ٻي عورت کان) کير پيارڻ گهرو تہ توهانتي ڪوبہ گناهہ ڪونهي جڏهن توهان اهو (معاوضو) جيڪو توهان ڏيڻو ڪيو آهي مناسب طور تي ادا ڪري ڇڏيو ۽ الله جي تقويٰ اختيار ڪيو ۽ سمجهي ڇڏيو تہ جيڪي ڪي توهان ڪيو ٿا الله انهيءَ کي يقينن ڏسي ٿو.

وَالَّذِيْنَ يُتَوَفَّوْنَ مِنْكُمْ وَيَذَرُوْنَ اَزْوَاجًا يَّتَرَبَّصْنَ بِاَنْفُسِهِنَّ اَرْبَعَةَ اَشْهُرٍ وَّعَشْرًا ۚ فَاِذَا بَلَغْنَ اَجَلَهُنَّ فَلَا جُنَاحَ عَلَيْكُمْ فِيْمَا فَعَلْنَ فِيْٓ اَنْفُسِهِنَّ بِالْمَعْرُوْفِ ۭ وَاللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ خَبِيْرٌ ۝٢٣٤

٢٣٥- ۽ توهان مان جن (ماڻهن) جو روح قبض ڪيو وڃي ٿو ۽ اهي (پنهنجي پٺيان) زالون ڇڏي وڃن ٿا (گهرجي تہ) اهي (زالون) پنهن جي پاڻ کي چئن مهينن (۽) ڏهن ڏينهن تائين روڪي رکن پوءِ جڏهين اهي پنهن جو مقرر وقت پورو ڪري وٺن اهي پنهنجي متعلق مناسب طور تي جيڪي ڪجهہ (بہ) ڪن انهيءَ جو توهانتي ڪوبہ گناهہ نہ آهي ۽ جيڪي توهان ڪيو ٿا الله انهيءَ کان واقف آهي.

وَلَا جُنَاحَ عَلَيْكُمْ فِيْمَا عَرَّضْتُمْ بِهٖ مِنْ خِطْبَةِ النِّسَاۗءِ اَوْ اَكْنَنْتُمْ فِيْٓ اَنْفُسِكُمْ ۭ عَلِمَ اللّٰهُ اَنَّكُمْ سَتَذْكُرُوْنَهُنَّ وَلٰكِنْ لَّا تُوَاعِدُوْھُنَّ سِرًّا اِلَّآ اَنْ تَقُوْلُوْا قَوْلًا مَّعْرُوْفًا ڛ وَلَا تَعْزِمُوْا عُقْدَةَ النِّكَاحِ حَتّٰى يَبْلُغَ الْكِتٰبُ اَجَلَهٗ ۭ وَاعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ يَعْلَمُ مَا فِيْٓ اَنْفُسِكُمْ فَاحْذَرُوْهُ ۚ وَاعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ حَلِيْمٌ ۝٢٣٥ ع

٢٣٦- ۽ عورتن سان نڪاح جي درخواست جي متعلق جيڪا ڳالهہ توهان اشارتن (انهن کي) چئو يا پنهن جي دل ۾ رکو انهيءَ تي توهانکي ڪوبہ گناهہ نہ آهي. الله ڄاڻي ٿو تہ توهانکي ضرور انهن جو خيال ايندو پر توهان انهن سان ڳجهيءَ طور تي (ڪوبہ) معاهدو نہ ڪيو. ها اها (اجازت آهي) تہ توهان انهن کي ڪا مناسب ڳالهہ چئي ڏيو ۽ جيستائين (عدت جو) حڪم پنهن جي ميعاد تائين (نہ) پهچي وڃي (انهيءَ وقت تائين) توهان نڪاح ڪرڻ جو پڪو ارادو نہ ڪيو. ۽ سمجهي ڇڏيو تہ توهانجي دلين ۾ جيڪي (بہ) آهي الله انهيءَ کي ڄاڻي ٿو. پوءِ

توهان انهيءَ (ڳالهہ) کان ڊڄو ۽ سمجهي ڇڏيو تہ الله ڏاڍو بخشڻ وارو (۽) بردبار آهي.

لَاجُنَاحَ عَلَيْكُمْ اِنْ طَلَّقْتُمُ النِّسَآءَ مَا لَمْ تَمَسُّوْهُنَّ اَوْ تَفْرِضُوْا لَهُنَّ فَرِيْضَةً ۚ وَّمَتِّعُوْهُنَّ عَلَى الْمُوْسِعِ قَدَرُهٗ وَعَلَى الْمُقْتِرِ قَدَرُهٗ ۚ مَتَاعًا بِالْمَعْرُوْفِ ۚ حَقًّا عَلَى الْمُحْسِنِيْنَ ﴿۲۳٦﴾

۲۳۷. توهانتي ڪو بہ گناهہ نہ آهي جيڪڏهين توهان عورتن کي انهيءَ وقت بہ طلاق ڏئي ڇڏيو جڏهين تہ اوهان انهن کي هٿ بہ نہ لاتو هجي يا مهر نہ مقرر ڪيو هجي ۽ (گهرجي تہ انهيءَ صورت ۾) توهان انهن کي مناسب طور تي ڪجهہ سامان ڏئي ڇڏيو (هي ڪم) دولت مند تي انهيءَ جي طاقت جي مطابق (لازم آهي) ۽ نادار تي انهيءَ جي طاقت جي مطابق (اسان ائين ڪرڻ) نيڪو ڪارن تي واجب (ڪري) ڇڏيو آهي.

وَاِنْ طَلَّقْتُمُوْهُنَّ مِنْ قَبْلِ اَنْ تَمَسُّوْهُنَّ وَقَدْ فَرَضْتُمْ لَهُنَّ فَرِيْضَةً فَنِصْفُ مَا فَرَضْتُمْ اِلَّآ اَنْ يَّعْفُوْنَ اَوْ يَعْفُوَا الَّذِيْ بِيَدِهٖ عُقْدَةُ النِّكَاحِ ۭ وَاَنْ تَعْفُوْٓا اَقْرَبُ لِلتَّقْوٰى ۭ وَلَا تَنْسَوُا الْفَضْلَ بَيْنَكُمْ ۭ اِنَّ اللّٰهَ بِمَا تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرٌ ﴿۲۳۷﴾

۲۳۸. ۽ جيڪڏهين توهان انهن کي پهرين انهيءَ کان جو توهان انهن کي هٿ لاتو هجي پر مهر مقرر (ڪري ڇڏيو) هجي طلاق ڏيئي ڇڏيو تہ (اهڙي صورت ۾) جيڪو (مهر) توهان مقرر ڪيو هجي انهيءَ جو اڌ (انهن جي حوالي ڪرڻو) پوندو سواءِ انهيءَ (صورت) جي جو اهي (عورتون) معاف ڪري ڇڏين يا اهو (شخص) معاف ڪري ڇڏي جنهن جي هٿ ۾ نڪاح (جي) ڳنڍ هجي ۽ توهان جو معاف ڪري ڇڏڻ تقويٰ جي وڌيڪ ويجهو آهي ۽ توهان پاڻ ۾ (معاملو ڪرڻ وقت) احسان نہ ڇڏيندا ڪيو (۽ ياد رکو تہ) جيڪي ڪجهہ توهان ڪيو ٿا الله (انهيءَ کي) يقينن ڏسي ٿو.

حٰفِظُوْا عَلَى الصَّلَوٰتِ وَالصَّلٰوةِ الْوُسْطٰى ۚ وَقُوْمُوْا

۲۳۹. توهان (سڀني) نمازن جو ۽ (خصوصن) وچين نماز جو پورو خيال رکو ۽

لِلّٰهِ قٰنِتِيْنَ ﴿۲۳۸﴾

الله جي لاءِ فرمانبردار ٿي بيهو.

فَاِنْ خِفْتُمْ فَرِجَالًا اَوْ رُكْبَانًا ۚ فَاِذَآ اَمِنْتُمْ فَاذْكُرُوا
اللّٰهَ كَمَا عَلَّمَكُمْ مَّا لَمْ تَكُوْنُوْا تَعْلَمُوْنَ ﴿۲۳۹﴾

۲۴۰۔ ۽ جيڪڏهين توهانکي خوف هجي تہ پيدل يا سوار هئڻ جي حالت ۾ ئي (نماز پڙهي وٺو) پوءِ جڏهين توهانکي امن حاصل ٿي وڃي تہ الله کي ياد ڪيو جاڪاڻ تہ انهيءَ توهانکي (اهو ڪجهہ) سيکاريو آهي جيڪو توهان (پهرين) نہ ڄاڻندا هئا.

وَالَّذِيْنَ يُتَوَفَّوْنَ مِنْكُمْ وَيَذَرُوْنَ اَزْوَاجًا ۖۚ وَّصِيَّةً
لِّاَزْوَاجِهِمْ مَّتَاعًا اِلَى الْحَوْلِ غَيْرَ اِخْرَاجٍ ۚ فَاِنْ
خَرَجْنَ فَلَا جُنَاحَ عَلَيْكُمْ فِيْ مَا فَعَلْنَ فِيْۤ اَنْفُسِهِنَّ
مِنْ مَّعْرُوْفٍ ۗ وَاللّٰهُ عَزِيْزٌ حَكِيْمٌ ﴿۲۴۰﴾

۲۴۱۔ ۽ توهان مان جيڪي ماڻهو وفات ڪري وڃن ۽ زالون ڇڏي وڃن. اهي پنهنجي زالن جي حق ۾ هڪ سال تائين فائدو پهچائڻ يعني انهن کي (گهرن کان) نہ ڪڍڻ جي وصيت ڪري وڃن. پر جيڪڏهين اهي (خود بخود) هليون وڃن تہ اهي پنهنجي متعلق جيڪا پسنديدهہ ڳالهہ ڪن انهيءَ جو توهان کي ڪوبہ گناهہ نہ آهي ۽ الله غالب (۽) حڪمت وارو آهي.

وَلِلْمُطَلَّقٰتِ مَتَاعٌۢ بِالْمَعْرُوْفِ ۗ حَقًّا عَلَى
الْمُتَّقِيْنَ ﴿۲۴۱﴾

۲۴۲۔ ۽ جن عورتن کي طلاق ڏني وڃي انهنکي بہ (پنهنجي) حالتن جي مطابق ڪجهہ سامان ڏيڻ ضروري آهي. هيءَ ڳالهہ (اسان) متقين تي واجب (ڪري ڇڏي) آهي.

كَذٰلِكَ يُبَيِّنُ اللّٰهُ لَكُمْ اٰيٰتِهٖ لَعَلَّكُمْ تَعْقِلُوْنَ ﴿۲۴۲﴾ ع ۳۱ ۱۵

۲۴۳۔ اهڙيءَ طرح الله پنهن جا حڪم توهانجي (فائدي جي) لاءِ کولي بيان ڪريٿو انهيءَ لاءِ تہ توهان سمجهو.

اَلَمْ تَرَ اِلَى الَّذِيْنَ خَرَجُوْا مِنْ دِيَارِهِمْ وَهُمْ اُلُوْفٌ
حَذَرَ الْمَوْتِ ۪ فَقَالَ لَهُمُ اللّٰهُ مُوْتُوْا ۫ ثُمَّ اَحْيَاهُمْ ۗ
اِنَّ اللّٰهَ لَذُوْ فَضْلٍ عَلَى النَّاسِ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَ
النَّاسِ لَا يَشْكُرُوْنَ ﴿۲۴۳﴾

۲۴۴۔ ڇا توکي انهن ماڻهن جي خبر نہ پهتي آهي جيڪي موت کان بچڻ جي لاءِ جڏهين اهي هزارن (جي تعداد ۾) هئا پنهن جن گهرن مان نڪتا هئا انهيءَ تي الله انهن کي چيو تہ توهان مري وڃو انهيءَ ڪانپوءِ انهي انهن کي زندهہ ڪري ڇڏيو. الله ماڻهن تي يقينن (وڏو) فضل ڪرڻ وارو آهي پر

اڪثر ماڻهو شڪر نٿا ڪن.

وَقَاتِلُوْا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَاعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ﴿٢٤٤﴾

٢٤٥- ۽ توهان الله جي راهه ۾ جنگ ڪيو ۽ سمجهي ڇڏيو تہ الله ڏاڍو ٻڌڻ وارو (۽) ڏاڍو ڄاڻڻ وارو آهي.

مَنْ ذَا الَّذِيْ يُقْرِضُ اللّٰهَ قَرْضًا حَسَنًا فَيُضٰعِفَهٗ لَهٗٓ اَضْعَافًا كَثِيْرَةً ۭ وَاللّٰهُ يَقْبِضُ وَيَبْصُۜطُ ۠ وَاِلَيْهِ تُرْجَعُوْنَ ﴿٢٤٥﴾

٢٤٦- ڇا آهي ڪو جيڪو الله کي (پنهنجي مال جو) هڪ سٺو نڪرو ڪٽي ڏني انهيءَ لاءِ تہ اهو انهيءَ کي انهيءَ جي لاءِ تمام گهڻون وڌائي ۽ الله (جي هيءَ بہ سنت آهي جو اهو ٻانهي جو مال) وني ٿو ۽ وڌائي ٿو ۽ (آخر) توهانکي انهيءَ ڏانهن موٽايو ويندو.

اَلَمْ تَرَ اِلَى الْمَلَاِ مِنْۢ بَنِيْٓ اِسْرَاۗءِيْلَ مِنْۢ بَعْدِ مُوْسٰى ۘ اِذْ قَالُوْا لِنَبِىٍّ لَّهُمُ ابْعَثْ لَنَا مَلِكًا نُّقَاتِلْ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ۭ قَالَ هَلْ عَسَيْتُمْ اِنْ كُتِبَ عَلَيْكُمُ الْقِتَالُ اَلَّا تُقَاتِلُوْا ۭ قَالُوْا وَمَا لَنَآ اَلَّا نُقَاتِلَ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَقَدْ اُخْرِجْنَا مِنْ دِيَارِنَا وَاَبْنَاۗىِٕنَا ۭ فَلَمَّا كُتِبَ عَلَيْهِمُ الْقِتَالُ تَوَلَّوْا اِلَّا قَلِيْلًا مِّنْهُمْ ۭ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌۢ بِالظّٰلِمِيْنَ ﴿٢٤٦﴾

٢٤٧- ڇا توکي بني اسرائيل جي انهن سردارن جو حال نہ معلوم ٿيو آهي جيڪي موسيٰ کان پوءِ گذريا آهن. جڏهين انهن پنهنجي هڪ نبيءَ کي چيو تہ اسان جي لاءِ ڪو (شخص) بادشاهہ (بنائي) ڪڙو ڪيو انهيءَ لاءِ تہ اسان (انهيءَ جي ماتحت ٿي) الله جي راهه ۾ جنگ ڪيون. انهيءَ چيو (ڪٿي) ائين تہ نہ ٿيندو جو جيڪڏهين توهان تي جنگ فرض ڪئي وڃي تہ توهان جنگ نہ ڪيو. انهن چيو (ائين نہ ٿيندو) ۽ اسانکي ڇا ٿي ويو آهي جو اسان الله جي راهه ۾ جنگ نہ ڪنداسين حالانڪ اسان کي پنهن جن گهرن مان ڪڍيو ويو آهي ۽ پنهنجن ٻچن کان (جدا ڪيو ويو آهي) پر جڏهين انهن تي جنگ فرض ڪئي ويئي تہ انهن مان هڪ ننڍي جماعت ڪانسواءِ (باقي) سڀ ڦري ويا ۽ الله ظالمن کي چڱيءَ طرح ڄاڻي ٿو.

وَقَالَ لَهُمْ نَبِيُّهُمْ اِنَّ اللّٰهَ قَدْ بَعَثَ لَكُمْ طَالُوْتَ مَلِكًا ۭ قَالُوْٓا اَنّٰى يَكُوْنُ لَهُ الْمُلْكُ عَلَيْنَا وَنَحْنُ

٢٤٨- ۽ انهن جي نبيءَ انهن کي چيو تہ الله توهان جي لاءِ طالوت (يعني جدعون) کي بادشاهہ بنائي (انهيءَ ڪم جي لاءِ) ڪڙو

اَحَقُّ بِالْمُلْكِ مِنْهُ وَلَمْ يُؤْتَ سَعَةً مِّنَ الْمَالِ ؕ قَالَ اِنَّ اللّٰهَ اصْطَفٰىهُ عَلَيْكُمْ وَزَادَهٗ بَسْطَةً فِى الْعِلْمِ وَالْجِسْمِ ؕ وَاللّٰهُ يُؤْتِىْ مُلْكَهٗ مَنْ يَّشَآءُ ؕ وَاللّٰهُ وَاسِعٌ عَلِيْمٌ ﴿۲۴۷﴾

ڪيو آهي انهن چيو انهيءَ کي اسانتي حڪومت ڪٿين ملي سگهي ٿي جڏهين تہ اسان انهيءَ جي ڀيٽ ۾ حڪومت جا وڌيڪ حقدار آهيون ۽ ان کي مالي آسودگي بہ (ڪا اهڙي وڌيڪ) عطا نہ ٿي آهي. انهيءَ چيو الله انهيءَ کي توهانتي يقينن فضيلت ڏني آهي ۽ انهيءَ کي علمي ۽ جسماني لحاظ کان (توهان کان وڌيڪ) ڪشادگي عطا ڪئي آهي ۽ الله جنهن کي پسند ڪري ٿو انهيءَ کي پنهن جو ملڪ عطا ڪري ٿو ۽ الله وسعت ڏيڻ وارو (۽) ڏاڍو ڄاڻڻ وارو آهي.

وَقَالَ لَهُمْ نَبِيُّهُمْ اِنَّ اٰيَةَ مُلْكِهٖٓ اَنْ يَّاْتِيَكُمُ التَّابُوْتُ فِيْهِ سَكِيْنَةٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ وَبَقِيَّةٌ مِّمَّا تَرَكَ اٰلُ مُوْسٰى وَاٰلُ هٰرُوْنَ تَحْمِلُهُ الْمَلٰٓئِكَةُ ؕ اِنَّ فِىْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً لَّكُمْ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿۲۴۸﴾ ع

۲۴۹- ۽ انهن جي نبيءَ انهن کي چيو انهيءَ جي حڪومت جو دليل اهو (بہ) آهي جو توهانکي (هڪ اهڙو) تابوت ملندو جنهن ۾ توهانجي رب جي طرفان تسڪين (هوندي) ۽ انهيءَ شيءَ مان بچيل هوندو جيڪو موسيٰ جي ۽ هارون جي خاندان (پنهنجي پويان) ڇڏيو. فرشتا انهيءَ کي کنيو بيٺا هوندا. جيڪڏهين توهان مومن آهيو تہ انهيءَ (ڳالهہ) ۾ توهانجي لاءِ يقينن هڪ وڏو نشان آهي.

فَلَمَّا فَصَلَ طَالُوْتُ بِالْجُنُوْدِ ۙ قَالَ اِنَّ اللّٰهَ مُبْتَلِيْكُمْ بِنَهَرٍ ۚ فَمَنْ شَرِبَ مِنْهُ فَلَيْسَ مِنِّىْ ۚ وَمَنْ لَّمْ يَطْعَمْهُ فَاِنَّهٗ مِنِّىْٓ اِلَّا مَنِ اغْتَرَفَ غُرْفَةًۢ بِيَدِهٖ ۚ فَشَرِبُوْا مِنْهُ اِلَّا قَلِيْلًا مِّنْهُمْ ؕ فَلَمَّا جَاوَزَهٗ هُوَ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مَعَهٗ ۙ قَالُوْا لَا طَاقَةَ لَنَا الْيَوْمَ بِجَالُوْتَ وَجُنُوْدِهٖ ؕ قَالَ الَّذِيْنَ يَظُنُّوْنَ اَنَّهُمْ مُّلٰقُوا

۲۵۰- پوءِ جڏهين طالوت پنهن جن فوجن کي وٺي نڪتو تہ انهيءَ چيو تہ الله هڪ نديءَ جي ذريعي يقينن توهانجو امتحان وٺڻ وارو آهي پوءِ جنهن انهيءَ (نديءَ) مان (پيٽ ڀري پاڻي) پي ورتو اهو مون سان (وابستہ) نہ (رهندو) ۽ جنهن انهيءَ کي نہ چکيو اهو يقينن مون سان (وابستہ) هوندو سواءِ انهيءَ جي جنهن انهيءَ مان (فقط) پنهنجي هٿن

اللّٰهِ ۙ كَمْ مِّنْ فِئَةٍ قَلِيْلَةٍ غَلَبَتْ فِئَةً كَثِيْرَةً ۢ بِاِذْنِ
اللّٰهِ ؕ وَاللّٰهُ مَعَ الصّٰبِرِيْنَ ﴿٢٥٠﴾

سان هڪ ڇرون پري (پي) ورتو (تہ انهيءَ تي ڪوبہ الزام نہ هوندو) پوءِ (ٿيو هيئن جو) انهن مان ٿورن کان سواءِ (باقي سڀني) انهيءَ مان (پاڻي) پي ورتو پوءِ جڏهين اهي خود ۽ (پڻ) اهي ماڻهو جن انهيءَ سان گڏ ايمان آندو هو انهيءَ ندي مان پار لنگهي ويا تہ انهن چيو تہ اڄ اسان ۾ جالوت ۽ انهيءَ جي لشڪرن جي مقابلي جي بلڪل طاقت نہ آهي (پر) جن ماڻهن کي يقين هو تہ اهي (هڪ ڏينهن) الله سان ملڻ وارا آهن انهن چيو تہ ڪيتريون ئي ننڍيون جماعتون الله جي حڪم سان وڏين جماعتن تي غالب اچي چڪيون آهن ۽ الله صبر ڪرڻ وارن سان (هوندو) آهي (پوءِ بس ڊڄڻ جو ڪو سبب نہ آهي).

وَلَمَّا بَرَزُوْا لِجَالُوْتَ وَجُنُوْدِهٖ قَالُوْا رَبَّنَآ اَفْرِغْ
عَلَيْنَا صَبْرًا وَّثَبِّتْ اَقْدَامَنَا وَانْصُرْنَا عَلَى الْقَوْمِ
الْكٰفِرِيْنَ ؕ﴿٢٥١﴾

٢٥١- ۽ جڏهين اهي جالوت ۽ انهيءَ جي فوجن (جي مقابلي) جي لاءِ نڪتا تہ انهن چيو اي اسانجا رب اسانتي قوت برداشت نازل ڪر ۽ (ميدان جنگ ۾) اسانجا قدم جمائي رک ۽ (انهن) ڪافرن جي خلاف اسانجي مدد ڪر.

فَهَزَمُوْهُمْ بِاِذْنِ اللّٰهِ ۙ۫ وَقَتَلَ دَاوٗدُ جَالُوْتَ وَ
اٰتٰىهُ اللّٰهُ الْمُلْكَ وَالْحِكْمَةَ وَعَلَّمَهٗ مِمَّا يَشَآءُ ؕ وَ
لَوْلَا دَفْعُ اللّٰهِ النَّاسَ بَعْضَهُمْ بِبَعْضٍ ۙ لَّفَسَدَتِ
الْاَرْضُ وَلٰكِنَّ اللّٰهَ ذُوْ فَضْلٍ عَلَى الْعٰلَمِيْنَ ﴿٢٥٢﴾

٢٥٢- پوءِ (اهي جنگ ۾ ڪڏي پيا ۽) انهن الله جي ارادي جي مطابق انهن کي شڪست (ڏيئي) ڇڏي ۽ دائود جالوت کي قتل ڪيو ۽ الله انهيءَ کي حڪومت ۽ حڪمت بخشي ۽ جيڪي ڪجهہ انهيءَ کي (يعني الله کي) منظور هو انهيءَ جو علم انهيءَ کي (يعني دائود کي) عطا ڪيو ۽ جيڪڏهين الله انسانن کي (شرارت کان) نہ هٽائي رکي ها يعني ڪن (انسانن) کي ڪن جي ذريعي سان (نہ روڪي ها) تہ زمين زير و زبر ٿي وڃي

ها. ليڪن الله سڀني جهانن تي وڏو فضل ڪرڻ وارو آهي (انهيءَ ڪري انهي فساد کي روڪي ڇڏيٿو).

تِلْكَ اٰيٰتُ اللّٰهِ نَتْلُوْهَا عَلَيْكَ بِالْحَقِّ ۭ وَاِنَّكَ لَمِنَ الْمُرْسَلِيْنَ ﴿٢٥٢﴾

٢٥٣. هي الله جون آيتون آهن. جنکي اسان توکي پڙهي ٻڌايون ٿا. انهيءَ حالت ۾ جو تون حق تي (قائم) آهين ۽ تون يقيناً رسولن مان آهين.

تِلْكَ الرُّسُلُ فَضَّلْنَا بَعْضَهُمْ عَلٰي بَعْضٍ ۘ مِنْهُمْ مَّنْ كَلَّمَ اللّٰهُ وَرَفَعَ بَعْضَهُمْ دَرَجٰتٍ ۭ وَاٰتَيْنَا عِيْسَى ابْنَ مَرْيَمَ الْبَيِّنٰتِ وَاَيَّدْنٰهُ بِرُوْحِ الْقُدُسِ ۭ وَلَوْ شَاۗءَ اللّٰهُ مَا اقْتَتَلَ الَّذِيْنَ مِنْ بَعْدِهِمْ مِّنْۢ بَعْدِ مَا جَاۗءَتْهُمُ الْبَيِّنٰتُ وَلٰكِنِ اخْتَلَفُوْا فَمِنْهُمْ مَّنْ اٰمَنَ وَمِنْهُمْ مَّنْ كَفَرَ ۭ وَلَوْ شَاۗءَ اللّٰهُ مَا اقْتَتَلُوْا ۣ وَلٰكِنَّ اللّٰهَ يَفْعَلُ مَا يُرِيْدُ ﴿٢٥٣﴾

٢٥٤. هي (مٿي ذڪر ڪيل) رسول اُهي آهن جن مان اسان ڪن کي ڪن تي فضيلت بخشي هئي. انهن مان ڪي اهڙا آهن جن سان الله ڪلام ڪيو ۽ انهن مان ڪن جا (فقط) درجا بلند ڪيا ۽ عيسيٰ بن مريم کي اسان ظاهر ظهور دليل ڏنا هئا ۽ روح القدس جي ذريعي انهيءَ کي طاقت بخشي هئي ۽ جيڪڏهين الله چاهي ها تہ جيڪي ماڻهو انهن کانپوءِ (آيا) هئا اهي ظاهر (ظهور) نشان کانپوءِ پاڻ ۾ نہ وڙهن (جهڳڙو ڪن) ها پر (تعجب آهي جو) انهن (باوجود انهيءَ جي) اختلاف ڪيو. سو انهن مان ڪن تہ ايمان آندو ۽ ڪن انڪار ڪري ڇڏيو. ۽ جيڪڏهين الله چاهي ها تہ اهي ماڻهو پاڻ ۾ نہ وڙهن ها پر جيڪي الله چاهيٿو اهوئي ڪري ٿو.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اَنْفِقُوْا مِمَّا رَزَقْنٰكُمْ مِّنْ قَبْلِ اَنْ يَّاْتِيَ يَوْمٌ لَّا بَيْعٌ فِيْهِ وَلَا خُلَّةٌ وَّلَا شَفَاعَةٌ ۭ وَالْكٰفِرُوْنَ هُمُ الظّٰلِمُوْنَ ﴿٢٥٤﴾

٢٥٥. اي ايماندارو! جيڪي ڪجهہ اسان توهان کي ڏنو آهي انهيءَ مان انهيءَ ڏينهن جي اچڻ کان پهرئين جو جنهن ۾ نہ ڪنهن قسم جي (خريد و) فروخت ۽ نہ دوستي ۽ نہ شفاعت (ڪارگر) ٿيندي (خدا جي راهہ ۾ جيڪي ڪجهہ ٿي سگهي) خرچ ڪري وٺو ۽ (انهيءَ حڪم جو) انڪار ڪرڻ وارا

(پنهنجي پاڻ تي) ظلم ڪرڻ وارا آهن.

اَللهُ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ اَلْحَيُّ الْقَيُّوْمُ لَا تَاْخُذُهٗ سِنَةٌ
وَّلَا نَوْمٌ لَهٗ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ مَنْ
ذَا الَّذِيْ يَشْفَعُ عِنْدَهٗٓ اِلَّا بِاِذْنِهٖ يَعْلَمُ مَا بَيْنَ
اَيْدِيْهِمْ وَمَا خَلْفَهُمْ وَلَا يُحِيْطُوْنَ بِشَيْءٍ مِّنْ
عِلْمِهٖٓ اِلَّا بِمَا شَآءَ وَسِعَ كُرْسِيُّهُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ
وَلَا يَئُوْدُهٗ حِفْظُهُمَا وَهُوَ الْعَلِيُّ الْعَظِيْمُ ﴿٢٥٥﴾

٢٥٦. الله اها (ذات) آهي جنهن کانسواءِ پرستش جو (ٻيو) ڪوبہ مستحق نہ آهي. ڪامل حيات وارو (پنهنجي) (ذات ۾) قائم (۽ سڀني کي) قائم رکڻ وارو. نہ انهيءَ کي جهوٽو اچي ٿو ۽ نہ ننڊ (جو اهو محتاج آهي) جيڪي ڪجهہ آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي ڪجهہ زمين ۾ آهي (سڀ) انهيءَ جو آهي ڪير آهي جو انهيءَ جي مرضيءَ کانسواءِ انهيءَ جي حضور ۾ سفارش ڪري. جيڪي ڪجهہ انهن جي سامهون آهي ۽ جيڪي ڪجهہ انهنجي پٺيان آهي اهو (سڀ ڪجهہ) ڄاڻي ٿو ۽ اهي انهيءَ جي مرضيءَ کان سواءِ انهيءَ جي علم جي ڪنهن حصي کي (بہ) حاصل ڪري نٿا سگهن. انهيءَ جو علم آسمانن تي (بہ) ۽ زمين تي (بہ) حاوي آهي ۽ انهن جي حفاظت انهيءَ کي ٿڪائي نٿي ۽ اهو بلند شان (رکڻ) وارو (۽) عظمت وارو آهي.

لَآ اِكْرَاهَ فِي الدِّيْنِ قَدْ تَّبَيَّنَ الرُّشْدُ مِنَ الْغَيِّ
فَمَنْ يَّكْفُرْ بِالطَّاغُوْتِ وَيُؤْمِنْۢ بِاللهِ فَقَدِ
اسْتَمْسَكَ بِالْعُرْوَةِ الْوُثْقٰى لَا انْفِصَامَ لَهَا
وَاللهُ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ﴿٢٥٦﴾

٢٥٧. دين جي معاملي ۾ ڪنهن بہ قسم جو زور (جائز) نہ آهي (ڇو جو) هدايت ۽ گمراهي جو (باهمي) فرق چڱيءَ طرح ظاهر ٿي چڪو آهي. پوءِ (سمجهي ڇڏيو تہ) جيڪو شخص (پنهنجي مرضيءَ سان) نيڪيءَ کان روڪڻ واري (جي ڳالهہ مڃڻ) کان انڪار ڪري ۽ الله تي ايمان رکي تہ انهيءَ (هڪ) نهايت مضبوط قابل اعتماد (شيءِ کي جيڪا ڪڏهين) ٽٽڻ جي نہ آهي. مضبوطيءَ سان پڪڙي رکيو ۽ الله ڏاڍو ٻڌڻ وارو (۽) ڏاڍو ڄاڻڻ وارو آهي.

وَانْظُرْ اِلَى الْعِظَامِ كَيْفَ نُنْشِزُهَا ثُمَّ نَكْسُوْهَا
لَحْمًا ۭ فَلَمَّا تَبَيَّنَ لَهٗ ۙ قَالَ اَعْلَمُ اَنَّ اللّٰهَ عَلٰی كُلِّ شَیْءٍ
قَدِیْرٌ ﴿٢٦٠﴾

وَاِذْ قَالَ اِبْرٰهٖمُ رَبِّ اَرِنِیْ كَیْفَ تُحْیِ الْمَوْتٰی ۭ قَالَ
اَوَلَمْ تُؤْمِنْ ۭ قَالَ بَلٰی وَلٰكِنْ لِّیَطْمَىِٕنَّ قَلْبِیْ ۭ قَالَ
فَخُذْ اَرْبَعَةً مِّنَ الطَّیْرِ فَصُرْهُنَّ اِلَیْكَ ثُمَّ اجْعَلْ
عَلٰی كُلِّ جَبَلٍ مِّنْهُنَّ جُزْءًا ثُمَّ ادْعُهُنَّ یَاْتِیْنَكَ
سَعْیًا ۭ وَاعْلَمْ اَنَّ اللّٰهَ عَزِیْزٌ حَكِیْمٌ ﴿٢٦١﴾ ع ٣٥ ٣ ٢

ماري رکيو. پوءِ انهيءَ کي اٿاريو (۽) فرمايائين (اي منهنجا ٻانها) تون ڪيتري عرصي تائين (هن حالت ۾) رهيو آهين. انهيءَ چيو مان (هن حالت ۾) هڪ ڏينهن يا ڏينهن جو ڪجهه حصو رهيو آهيان (تڏهين) الله فرمايو (اهو به ٺيڪ آهي) ۽ تون (هن حالت ۾) سو سال تائين به رهيو آهين. هاڻي تون پنهنجي کاڌي ۽ پيتي (جي سامان) ڏانهن ڏس ته اهو سڙيو نه آهي ۽ پنهنجي گڏهه ڏانهن (به) ڏس (۽ انهن ٻنهي جو سلامت رهڻ ڏسي سمجهي وٺ ته تنهنجو خيال به پنهنجي جڳهه درست آهي ۽ اسانجو خيال به) ۽ ائين اسان انهيءَ ڪري ڪيو آهي ته توکي ماڻهن جي لاءِ هڪ نشان بڻايون پنهنجي هڏن ڏانهن ڏس ته اسان انهن کي ڪهڙيءَ طرح ٻنهن جي جڳهه تي رکي جوڙيون ٿا پوءِ اسان انهن تي گوشت چاڙهيون ٿا پوءِ جڏهين انهيءَ تي (حقيقت) پوريءَ طرح ظاهر ٿي ويئي ته انهيءَ چيو ته مان ڄاڻان ٿو ته الله هر هڪ شئي تي قادر آهي.

٢٦١- ۽ (هن واقعي کي به ياد ڪيو) جڏهين ابراهيم چيو هو ته اي منهنجا رب! مونکي ٻڌاءِ ته تون مردا ڪيئن زنده ڪرين ٿو. فرمايائين ته ڇا تون ايمان نه آڻي چڪو آهين؟ (ابراهيم) چيو ڇونه (ايمان ته بي شڪ حاصل ٿي چڪو آهي) پر پنهنجي اطمينان قلب جي خاطر (مون هيءُ سوال ڪيو آهي) فرمايائين چڱو! تون چار پکي ڪڻ ۽ انهن کي پاڻ سان هيراءِ پوءِ هر هڪ پهاڙ تي انهن مان هڪ (هڪ) حصو رکي ڇڏ. پوءِ انهن کي سڏ. اهي توڏانهن

تيزيءَ سان هليا ايندا ۽ سمجهي ڇڏ تہ الله غالب (۽) حڪمت وارو آهي.

مَثَلُ الَّذِيْنَ يُنْفِقُوْنَ اَمْوَالَهُمْ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ كَمَثَلِ حَبَّةٍ اَنْۢبَتَتْ سَبْعَ سَنَابِلَ فِيْ كُلِّ سُنْۢبُلَةٍ مِّائَةُ حَبَّةٍ ؕ وَاللّٰهُ يُضٰعِفُ لِمَنْ يَّشَآءُ ؕ وَاللّٰهُ وَاسِعٌ عَلِيْمٌ ﴿۲۶۱﴾

٢٦٢. جيڪي ماڻهو پنهن جي مالن کي الله جي راهہ ۾ خرچ ڪن ٿا انهن (جي انهيءَ فعل) جي حالت انهيءَ داڻي جي حالت جي مثل آهي جيڪو ست گوشا ڪيري (۽) هر گوشي ۾ سو داڻا هجن. ۽ الله جنهن لاءِ چاهي ٿو (انهيءَ کانبہ) گهڻو وڌائي ڏيئي ٿو ۽ الله وسعت ڏيڻ وارو (۽) ڏاڍو ڄاڻڻ وارو آهي.

اَلَّذِيْنَ يُنْفِقُوْنَ اَمْوَالَهُمْ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ثُمَّ لَا يُتْبِعُوْنَ مَآ اَنْفَقُوْا مَنًّا وَّلَآ اَذًى ۙ لَّهُمْ اَجْرُهُمْ عِنْدَ رَبِّهِمْ ۚ وَلَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ﴿۲۶۲﴾

٢٦٣. جيڪي ماڻهو پنهنجي مالن کي الله جي راهہ ۾ خرچ ڪن ٿا پوءِ خرچ ڪرڻ بعد نہ ڪنهن رنگ ۾ احسان جتائين ٿا ۽ نہ ڪنهن قسم جي تڪليف ڏين ٿا انهن جي رب وٽ انهن (جي عملن) جو بدلو (محفوظ) آهي ۽ نہ تہ انهن کي ڪنهن قسم جو خوف هوندو ۽ نہ اهي غمگين ٿيندا.

قَوْلٌ مَّعْرُوْفٌ وَّمَغْفِرَةٌ خَيْرٌ مِّنْ صَدَقَةٍ يَّتْبَعُهَآ اَذًى ؕ وَاللّٰهُ غَنِيٌّ حَلِيْمٌ ﴿۲۶۳﴾

٢٦٤. سٺي ڳالهہ (چوڻ) ۽ (قصور) معاف ڪرڻ انهيءَ صدقي کان بهتر آهي جنهن جي پويان تڪليف پهچائڻ (شروع) ٿي (وڃي) ۽ الله بي نياز (۽) بردبار آهي.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تُبْطِلُوْا صَدَقٰتِكُمْ بِالْمَنِّ وَالْاَذٰى ۙ كَالَّذِيْ يُنْفِقُ مَالَهٗ رِئَآءَ النَّاسِ وَلَا يُؤْمِنُ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ ؕ فَمَثَلُهٗ كَمَثَلِ صَفْوَانٍ عَلَيْهِ تُرَابٌ فَاَصَابَهٗ وَابِلٌ فَتَرَكَهٗ صَلْدًا ؕ لَا يَقْدِرُوْنَ عَلٰى شَيْءٍ مِّمَّا كَسَبُوْا ؕ وَاللّٰهُ لَا يَهْدِي الْقَوْمَ الْكٰفِرِيْنَ ﴿۲۶۴﴾

٢٦٥. اي ايماندارو! توهان پنهنجي صدقن کي احسان جتائڻ ۽ تڪليف ڏيڻ (جي فعل) سان انهيءَ شخص وانگر ضايع نہ ڪري ڇڏيو جيڪو ماڻهن کي ڏيکارڻ جي لاءِ مال خرچ ڪري ٿو ۽ الله ۽ روز آخرت تي ايمان نٿو رکي چو جو انهيءَ جي حالت تہ انهيءَ پٿر جي حالت وانگر آهي جنهن تي ڪجهہ مٽي (پيل) هجي ۽ انهيءَ تي تيز مينهن وسي ۽ اهو انهيءَ کي (ڌوئي پوءِ) صاف پٿر

(جو پنڌ) ڪري ڇڏي. اهي (اهڙا ماڻهو آهن جو) جيڪي ڪجهہ ڪمائين ٿا) انهيءَ جو ڪوبہ حصو انهن جي هٿ نٿو اچي ۽ الله اهڙي قسم جي ڪافرن کي (ڪاميابيءَ جي) راهہ نٿو ڏيکاري.

وَمَثَلُ الَّذِيْنَ يُنْفِقُوْنَ اَمْوَالَهُمُ ابْتِغَاۗءَ مَرْضَاتِ اللّٰهِ وَتَثْبِيْتًا مِّنْ اَنْفُسِهِمْ كَمَثَلِ جَنَّةٍۢ بِرَبْوَةٍ اَصَابَهَا وَابِلٌ فَاٰتَتْ اُكُلَهَا ضِعْفَيْنِ ۚ فَاِنْ لَّمْ يُصِبْهَا وَابِلٌ فَطَلٌّ ۭ وَاللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرٌ ۝٢٦٥

٢٦٦۔ ۽ جيڪي ماڻهو پنهن جو مال الله جي خوشنوديءَ حاصل ڪرڻ جي لاءِ ۽ پنهن جي پاڻ کي مضبوط ڪرڻ جي لاءِ خرچ ڪن ٿا انهن (جي خرچ) جي حالت انهيءَ باغ جي حالت جهڙي آهي جيڪو مٿاهين جڳهہ تي هجي (۽) انهيءَ تي تکي بارش پئي هجي جنهن (جي ڪري) انهيءَ ٻيڻو ڦر جهليو هجي ۽ (انهيءَ جي هيءَ ڪيفيت هجي جو) جيڪڏهين انهيءَ تي زوردار بارش نہ بہ پوي تہ ٿورڙي بارش بہ (انهيءَ جي لاءِ ڪافي ٿي وڃي) ۽ جيڪي ڪجهہ توهان ڪيو ٿا الله انهيءَ کي ڏسي رهيو آهي.

اَيَوَدُّ اَحَدُكُمْ اَنْ تَكُوْنَ لَهٗ جَنَّةٌ مِّنْ نَّخِيْلٍ وَّاَعْنَابٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ ۙ لَهٗ فِيْهَا مِنْ كُلِّ الثَّمَرٰتِ ۙ وَاَصَابَهُ الْكِبَرُ وَلَهٗ ذُرِّيَّةٌ ضُعَفَاۗءُ ښ فَاَصَابَهَآ اِعْصَارٌ فِيْهِ نَارٌ فَاحْتَرَقَتْ ۭ كَذٰلِكَ يُبَيِّنُ اللّٰهُ لَكُمُ الْاٰيٰتِ لَعَلَّكُمْ تَتَفَكَّرُوْنَ ۝٢٦٦ ع ٣٦

٢٦٧۔ ڇا توهان مان ڪو شخص چاهي ٿو تہ انهيءَ کي ڪجين ۽ انگورن جو هڪ باغ هجي جنهن جي هيٺيان نهرون وهنديون هجن (۽) انهيءَ کي انهيءَ مان هر قسم جا ميوا ملندا (رهندا) هجن ۽ انهيءَ کي پيريءَ بہ اچي ورتو هجي ۽ انهيءَ جا ننڍڙا (ننڍڙا) ٻار هجن. پوءِ انهيءَ باغ تي هڪ اهڙو واچوڙو لڳي جنهن ۾ باهہ (جهڙي گرمي) هجي ۽ اهو (باغ) سڙي وڃي (ڏسو) الله توهان جي (فائدي جي) لاءِ اهڙيءَ طرح پنهن جا حڪم بيان ڪري ٿو انهيءَ لاءِ تہ توهان فڪر (کان ڪم وٺندا) ڪيو.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اَنْفِقُوْا مِنْ طَيِّبٰتِ مَا كَسَبْتُمْ

٢٦٨۔ اي ايماندارو! جيڪي ڪجهہ توهان

تُؤْتُوْهَا الْفُقَرَآءَ فَهُوَ خَيْرٌ لَّكُمْ ۚ وَيُكَفِّرُ عَنْكُمْ مِّنْ سَيِّاٰتِكُمْ ۗ وَاللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ خَبِيْرٌ ﴿٢٧١﴾

جيڪڏهين توهان اهي (صدقا) لڪائي غريبن کي ڏيو تہ اهو توهانجي (نفس جي) لاءِ وڌيڪ سٺو آهي ۽ اهو (الله انهيءَ جي سببان) توهانجن ڪيترين بدين کي توهان کان پري ڪري ڇڏيندو ۽ جيڪي ڪجهہ توهان ڪيو ٿا الله انهيءَ کان واقف آهي.

لَيْسَ عَلَيْكَ هُدٰىهُمْ وَلٰكِنَّ اللّٰهَ يَهْدِيْ مَنْ يَّشَآءُ ۗ وَمَا تُنْفِقُوْا مِنْ خَيْرٍ فَلِاَنْفُسِكُمْ ۗ وَمَا تُنْفِقُوْنَ اِلَّا ابْتِغَآءَ وَجْهِ اللّٰهِ ۗ وَمَا تُنْفِقُوْا مِنْ خَيْرٍ يُّوَفَّ اِلَيْكُمْ وَاَنْتُمْ لَا تُظْلَمُوْنَ ﴿٢٧٢﴾

٢٧٣. انهن کي راهہ تي آڻڻ تنهنجي ذمي نہ آهي ها الله جنهنکي چاهيٿو راهہ تي آڻيٿو ۽ جيڪو بہ سٺو مال توهان (خدا جي راهہ ۾) خرچ ڪيو ۽ حقيقت هيءَ آهي تہ توهان اهڙو خرچ صرف الله جي توجہ ڇڪائڻ جي لاءِ ڪندا ڪيو ٿا سو انهيءَ جو نفعو بہ توهانجي پنهنجي جانين کي ئي ٿيندو ۽ جيڪو بہ سٺو مال توهان خرچ ڪيو اهو توهان کي پورو پورو (واپس ڪيو) ويندو ۽ توهانتي ظلم نہ ڪيو ويندو.

لِلْفُقَرَآءِ الَّذِيْنَ اُحْصِرُوْا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ لَا يَسْتَطِيْعُوْنَ ضَرْبًا فِي الْاَرْضِ يَحْسَبُهُمُ الْجَاهِلُ اَغْنِيَآءَ مِنَ التَّعَفُّفِ ۚ تَعْرِفُهُمْ بِسِيْمٰهُمْ ۚ لَا يَسْــَٔلُوْنَ النَّاسَ اِلْحَافًا ۗ وَمَا تُنْفِقُوْا مِنْ خَيْرٍ فَاِنَّ اللّٰهَ بِهٖ عَلِيْمٌ ﴿٢٧٣﴾ ع

٢٧٤. (هي مٿي ذڪر ڪيل صدقا) انهن محتاجن جي لاءِ آهن جيڪي الله جي راهہ ۾ (ٻين ڪمن کان) روڪيا ويا آهن اهي ملڪ ۾ (آزاديءَ سان) اچي وڃي نٿا سگهن (هڪ) بي خبر (شخص انهن جي) سوال کان بچڻ جي سببان انهن کي شاهوڪار خيال ڪريٿو توهان انهن کي حليي مان سڃاڻي سگهو ٿا. اهي ماڻهن کي ڳڪ ئي سوال نٿا ڪن ۽ توهان جيڪو بہ سٺو مال (الله جي راهہ ۾) خرچ ڪيو الله انهيءَ کان يقينن خوب واقف آهي.

اَلَّذِيْنَ يُنْفِقُوْنَ اَمْوَالَهُمْ بِالَّيْلِ وَالنَّهَارِ سِرًّا وَّعَلَانِيَةً فَلَهُمْ اَجْرُهُمْ عِنْدَ رَبِّهِمْ ۚ وَلَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ

٢٧٥. جيڪي ماڻهو پنهن جو مال رات ۽ ڏينهن لڪي (بہ) ۽ ظاهر (بہ) (الله جي راهہ ۾) خرچ ڪندا رهن ٿا انهن جي لاءِ

وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ﴿٢٧٥﴾

انهن جي رب وٽ انهن جو اجر (محفوظ) آهي ۽ نه (ته) انهنکي ڪو خوف هوندو ۽ نه اهي غمگين ٿيندا.

اَلَّذِيْنَ يَأْكُلُوْنَ الرِّبٰوا لَا يَقُوْمُوْنَ اِلَّا كَمَا يَقُوْمُ الَّذِيْ يَتَخَبَّطُهُ الشَّيْطٰنُ مِنَ الْمَسِّ ؕ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ قَالُوْٓا اِنَّمَا الْبَيْعُ مِثْلُ الرِّبٰوا ۘ وَاَحَلَّ اللّٰهُ الْبَيْعَ وَحَرَّمَ الرِّبٰوا ؕ فَمَنْ جَآءَهٗ مَوْعِظَةٌ مِّنْ رَّبِّهٖ فَانْتَهٰى فَلَهٗ مَا سَلَفَ ؕ وَاَمْرُهٗٓ اِلَى اللّٰهِ ؕ وَمَنْ عَادَ فَاُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ النَّارِ ۚ هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿٢٧٦﴾

٢٧٦- جيڪي ماڻهو وياج کائين ٿا اهي (بلڪل) اهڙيءَ طرح بيهن ٿا جهڙيءَ طرح اهو شخص بيهندو آهي جنهن تي شيطان (يعني جنون جي مرض) جو سخت حملو ٿيو هجي. هي (حالت) انهيءَ سبب جي ڪري آهي جو اهي چوندا (رهن) ٿا ته (خريدو) فروخت (بہ ته) بلڪل وياج (ئي) وانگر آهي. حالانڪ الله (خريدو) فروخت کي جائز قرار ڏنو آهي ۽ وياج کي حرام ڪيو آهي. سو (ياد رکو ته) جنهن (شخص) وٽ انهيءَ جي رب جي طرفان ڪا نصيحت (جي ڳالهہ) اچي ۽ اهو (انهيءَ کي ٻڌي خلاف ورزي کان) باز اچي وڃي ته جي ڪا (ڏيتي ليتي) اهو پهرئين ڪري چڪو آهي انهيءَ جو نفعو انهيءَ جو آهي ۽ انهيءَ جو معاملو الله جي حوالي آهي. ۽ جيڪي (ماڻهو) وري (اهو ڪم) ڪن ته اهي (ضرور) باهہ (۾ پوڻ) وارا آهن. اهي انهيءَ ۾ ئي پيا هوندا.

يَمْحَقُ اللّٰهُ الرِّبٰوا وَيُرْبِي الصَّدَقٰتِ ؕ وَاللّٰهُ لَا يُحِبُّ كُلَّ كَفَّارٍ اَثِيْمٍ ﴿٢٧٧﴾

٢٧٧- الله وياج کي مٽائيندو ۽ صدقن کي وڌائيندو ۽ الله هر وڏي ڪافر (۽) وڏي گنگهار کي پسند نٿو ڪري.

اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ وَاَقَامُوا الصَّلٰوةَ وَاٰتَوُا الزَّكٰوةَ لَهُمْ اَجْرُهُمْ عِنْدَ رَبِّهِمْ ۚ وَلَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ﴿٢٧٨﴾

٢٧٨- جيڪي ماڻهو ايمان آڻين ٿا ۽ نيڪ ۽ مناسب حال عمل ڪن ٿا ۽ نماز کي قائم رکن ٿا ۽ زڪوات ڏين ٿا انهن جي لاءِ انهن جي رب وٽ يقينن انهن جو اجر (محفوظ) آهي ۽ انهن کي نه (ته) ڪنهن قسم جو خوف هوندو ۽ نه اهي غمگين ٿيندا.

اَوْ ضَعِيْفًا اَوْ لَا يَسْتَطِيْعُ اَنْ يُّمِلَّ هُوَ فَلْيُمْلِلْ
وَلِيُّهٗ بِالْعَدْلِ ؕ وَ اسْتَشْهِدُوْا شَهِيْدَيْنِ مِنْ رِّجَالِكُمْ ۚ
فَاِنْ لَّمْ يَكُوْنَا رَجُلَيْنِ فَرَجُلٌ وَّامْرَاَتٰنِ مِمَّنْ تَرْضَوْنَ
مِنَ الشُّهَدَآءِ اَنْ تَضِلَّ اِحْدٰىهُمَا فَتُذَكِّرَ اِحْدٰىهُمَا
الْاُخْرٰى ؕ وَلَا يَاْبَ الشُّهَدَآءُ اِذَا مَا دُعُوْا ؕ وَلَا تَسْـَٔمُوْٓا
اَنْ تَكْتُبُوْهُ صَغِيْرًا اَوْ كَبِيْرًا اِلٰٓى اَجَلِهٖ ؕ ذٰلِكُمْ اَقْسَطُ
عِنْدَ اللّٰهِ وَاَقْوَمُ لِلشَّهَادَةِ وَاَدْنٰٓى اَلَّا تَرْتَابُوْٓا اِلَّآ اَنْ
تَكُوْنَ تِجَارَةً حَاضِرَةً تُدِيْرُوْنَهَا بَيْنَكُمْ فَلَيْسَ عَلَيْكُمْ
جُنَاحٌ اَلَّا تَكْتُبُوْهَا ؕ وَاَشْهِدُوْٓا اِذَا تَبَايَعْتُمْ ۠ وَلَا
يُضَآرَّ كَاتِبٌ وَّلَا شَهِيْدٌ ۬ ؕ وَاِنْ تَفْعَلُوْا فَاِنَّهٗ فُسُوْقٌۢ
بِكُمْ ؕ وَاتَّقُوا اللّٰهَ ؕ وَيُعَلِّمُكُمُ اللّٰهُ ؕ وَاللّٰهُ بِكُلِّ شَيْءٍ
عَلِيْمٌ ﴿٢٨٢﴾

(لکڻ) سيکاريو آهي. پوءِ گهرجي تہ اهو (ضرور) لکي ۽ تحرير اهو لکارائي جنهنجي ذمي حق هجي ۽ گهرجي تہ اهو (لکائڻ وقت) الله جو جيکو انهيءَ جو رب آهي تقويٰ مد نظر رکي ۽ انهيءَ مان ذرو (بہ) گهٽ نہ کري. ۽ جيکڏهين اهو شخص جنهن جي ذمي حق آهي نادان هجي يا ڪمزور هجي يا خود لکارائڻ جي قدرت نہ رکندو هجي تہ گهرجي تہ (انهيءَ جي بدران) انهيءَ جو سنڀاليندڙ انصاف سان (تحرير) لکارائي ۽ توهان پنهن جن مردن مان (انهيءَ موقعي تي) ٻن کي شاهد مقرر ڪندا ڪيو. ها جيکڏهين ٻئي (شاهد) مرد نہ هجن تہ (اڻذي تي) شاهدن مان جن ماڻهن کي (بطور شاهد جي) توهان پسند ڪندا هجو انهن مان هڪ مرد ۽ ٻہ عورتون (شاهد ڪندا ڪيو ٻن عورتن جو شرط انهيءَ ڪري آهي) جو انهن مان هڪ جي ويسر جي صورت ۾ ٻنهي مان (هر) هڪ ٻئي کي (ڳالهہ) ياد ڏياري ۽ جڏهين شاهدن کي گهرايو وڃي تہ اهي انڪار نہ ڪن. ۽ ڪٿي ننڍي (ڏيتي ليتي) هجي يا وڏي هجي توهان انکي انهيءَ جي ميعاد سميت لکڻ ۾ سستي نہ ڪندا ڪيو. هي ڳالهہ الله وٽ وڌيڪ انصاف واري آهي ۽ شاهديءَ کي وڌيڪ درست رکڻ واري آهي پڻ (توهانجي لاءِ هن ڳالهہ کي) قريب تر (ڪرڻ واري) آهي تہ توهان شڪ ۾ نہ پئو (پوءِ ڏيتي ليتي جو لکڻ ضروري آهي) سواءِ انهيءَ (صورت) جي جو تجارت هٿو هٿ هجي جنهنکي توهان پاڻ ۾ (مال ۽ رقم) ڏيئي وٺي (انهيءَ وقت قصو ختم

ڪري) ٿا ڇڏيو. اهڙيءَ صورت ۾ انهيءَ (ڏيتي ليتي) جي نہ لکڻ ۾ توهان تي ڪوبہ گناهہ نہ آهي. ۽ جڏهين هڪ ٻئي سان خريد و فروخت ڪيو تہ شاهد بنائيندا ڪيو. ۽ (هيءَ ڳالهہ ياد رهي تہ) نہ ڪاتب کي تڪليف ڏني وڃي ۽ نہ شاهد کي ۽ جيڪڏهين توهان (ائين) ڪندو تہ هي (ڳالهہ) توهان ۾ نافرماني (جي علامت) ٿيندي ۽ گهرجي تہ توهان الله جي تقويٰ اختيار ڪيو ۽ (جيڪڏهين توهان ائين ڪندؤ تہ) الله توهانکي علم ڏيندو ۽ الله هر شئي کي چڱيءَ طرح ڄاڻي ٿو.

وَاِنْ كُنْتُمْ عَلٰى سَفَرٍ وَّلَمْ تَجِدُوْا كَاتِبًا فَرِهٰنٌ مَّقْبُوْضَةٌ ؕ فَاِنْ اَمِنَ بَعْضُكُمْ بَعْضًا فَلْيُؤَدِّ الَّذِى اؤْتُمِنَ اَمَانَتَهٗ وَلْيَتَّقِ اللّٰهَ رَبَّهٗ ؕ وَلَا تَكْتُمُوا الشَّهَادَةَ ؕ وَمَنْ يَّكْتُمْهَا فَاِنَّهٗۤ اٰثِمٌ قَلْبُهٗ ؕ وَاللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ عَلِيْمٌ ﴿٢٨٣﴾ ع ٣٩ ٧

٢٨٤. ۽ جيڪڏهين توهان سفر تي هجو ۽ توهانکي ڪو لکڻ وارو نہ ملي تہ (انهيءَ جو عيوض) قبضي واري گروي آهي. پوءِ جيڪڏهين توهان مان ڪوبہ شخص ڪنهن (ٻئي) کي امين سمجهي (۽ انهيءَ کي ڪجهہ رقم ڏيئي ڇڏي) تہ جنهنکي امين سمجهيو ويو هجي انهيءَ کي گهرجي تہ انهيءَ (امانت رکڻ واري) جي امانت کي (طلب ڪرڻ تي) واپس ڪري ڇڏي ۽ پنهنجي ربوبيت ڪرڻ واري، الله جي تقويٰ اختيار ڪري ۽ توهان شاهديءَ کي (ڪڏهين) نہ لڪايو ۽ جيڪو انهيءَ کي لڪائيندو اهو يقينن اهڙو (شخص) آهي جنهن جي دل گنهگار آهي ۽ (ياد رکو تہ) جيڪي ڪجهہ توهان ڪيو ٿا الله انهيءَ کي چڱيءَ طرح ڄاڻي ٿو.

لِلّٰهِ مَا فِى السَّمٰوٰتِ وَمَا فِى الْاَرْضِ ؕ وَاِنْ تُبْدُوْا

٢٨٥. جيڪي ڪجهہ (بہ) آسمانن ۾ ۽ زمين ۾ آهي الله جو ئي آهي ۽ جيڪي

مَا فِيْٓ اَنْفُسِكُمْ اَوْ تُخْفُوْهُ يُحَاسِبْكُمْ بِهِ اللّٰهُ ۭ فَيَغْفِرُ لِمَنْ يَّشَاۗءُ وَيُعَذِّبُ مَنْ يَّشَاۗءُ ۭ وَاللّٰهُ عَلٰي كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ۲۸۴

كجهہ توهانجي دلين ۾ آهي خواهہ توهان انهيءَ كي ظاهر كيو يا انهيءَ كي لكائي ركو الله توهان كان انهيءَ جو حساب وٺندو. پوءِ جنهن كي چاهيندو بخشي ڇڏيندو ۽ جنهنكي چاهيندو عذاب ڏيندو ۽ الله هر شيءِ تي وڏو قادر آهي.

اٰمَنَ الرَّسُوْلُ بِمَآ اُنْزِلَ اِلَيْهِ مِنْ رَّبِّهٖ وَالْمُؤْمِنُوْنَ ۭ كُلٌّ اٰمَنَ بِاللّٰهِ وَمَلٰۗىِٕكَتِهٖ وَكُتُبِهٖ وَرُسُلِهٖ ۣ لَا نُفَرِّقُ بَيْنَ اَحَدٍ مِّنْ رُّسُلِهٖ ۣ وَقَالُوْا سَمِعْنَا وَاَطَعْنَا ڭ غُفْرَانَكَ رَبَّنَا وَاِلَيْكَ الْمَصِيْرُ ۲۸۵

٢٨٦. جيكي كجهہ بہ انهيءَ رسول تي انهيءَ جي رب جي طرفان نازل كيو ويو آهي انهيءَ تي اهو (خود بہ) ايمان رکي ٿو ۽ (ٻيا) مومن بہ (ايمان رکن ٿا) اهي سڀئي الله ۽ انهن جي فرشتن ۽ انهيءَ جي ڪتابن ۽ انهيءَ جي رسولن تي ايمان رکن ٿا (۽ چون ٿا تہ) اسان انهيءَ جي رسولن مان هڪ (ٻئي) جي وچ ۾ (ڪوبہ) فرق نٿا ڪيون ۽ هيءَ (بہ) چون ٿا تہ اسان (الله جو حڪم) ٻڌو آهي ۽ اسان انهيءَ جا (دل سان) فرمانبردار ٿي چڪا آهيون (اهي ماٿو دعائون ڪن ٿا تہ) اي اسانجا رب اسان تنهنجي بخشش طلب ڪيون ٿا ۽ توڏانهن ئي (اسانکي) موٽڻو آهي.

لَا يُكَلِّفُ اللّٰهُ نَفْسًا اِلَّا وُسْعَهَا ۭ لَهَا مَا كَسَبَتْ وَعَلَيْهَا مَا اكْتَسَبَتْ ۭ رَبَّنَا لَا تُؤَاخِذْنَآ اِنْ نَّسِيْنَآ اَوْ اَخْطَاْنَا ۚ رَبَّنَا وَلَا تَحْمِلْ عَلَيْنَآ اِصْرًا كَمَا حَمَلْتَهٗ عَلَي الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِنَا ۚ رَبَّنَا وَلَا تُحَمِّلْنَا مَا لَا طَاقَةَ لَنَا بِهٖ ۚ وَاعْفُ عَنَّا ۪ وَاغْفِرْ لَنَا ۪

٢٨٧. الله ڪنهن شخص تي سواءِ انهيءَ (زميواريءَ) جي جيڪا انهيءَ جي طاقت ۾ هجي ڪابہ زميواري نٿو وجهي. جيڪو انهيءَ (سٺو) ڪم ڪيو هوندو (اهو) انهيءَ جي لاءِ (نفعي مند) ٿيندو ۽ جيڪو انهيءَ (برو) ڪم ڪيو هوندو (اهو) انهيءَ تي (وبال ٿي) پوندو (۽ اهي هيءَ بہ چون ٿا تہ) اي اسانجا رب! جيڪڏهين اسان ڪڏهين ڀلجي پئون يا غلطي ڪري ويهون تہ اسان کي سزا نہ ڏجان اي اسانجا رب ! ۽ تون

وَارْحَمْنَا ۗ اَنْتَ مَوْلٰىنَا فَانْصُرْنَا عَلَى الْقَوْمِ الْكٰفِرِيْنَ ﴿٢٨٦﴾

اسان تي (اهڙيءَ طرح) زميواري نہ وجھہ جھڙيءَ طرح تو انهن ماڻهن تي جيڪي اسان کان پهرين (گذري چڪا) آهن وڌي هئي. اي اسانجا رب! ۽ اهڙي طرح اسان کان (اهو بار) نہ کڻاءِ جنهن (جي کڻڻ) جي اسان کي طاقت نہ آهي ۽ اسانکي درگذر ڪر ۽ اسان کي بخشي ڇڏ ۽ اسانتي رحم ڪر (ڇو جو) تون اسانجو آقا آهين پوءِ ڪافرن جي ٽولي جي خلاف اسان جي مدد ڪر.

## سُوْرَةُ اٰلِ عِمْرَانَ مَدَنِيَّةٌ وَّهِيَ مَعَ الْبَسْمَلَةِ مِائَتَا اٰيَةٍ وَّاٰيَةٌ وَّعِشْرُوْنَ رُكُوْعًا

**سورت آل عمران هيءَ سورت مدني آهي ۽ بسم الله سميت هن جون ٢٠١ آيتون ۽ ويهہ رڪوع آهن.**

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ①

١. (مان) الله جو نالو وٺي جيڪو بيحد ڪرم ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي (پڙهانٿو)

الٓمّٓ ②

٢. مان الله سڀ کان وڌيڪ ڄاڻڻ وارو آهيان.

اللّٰهُ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ الْحَيُّ الْقَيُّوْمُ ③

٣. الله (اهڙي ذات آهي جو انهيءَ) کانسواءِ ڪوبہ عبادت جو مستحق نہ آهي. ڪامل حياتيءَ وارو (پنهنجي ذات ۾) قائم ۽ (سڀني کي) قائم رکڻ وارو آهي.

نَزَّلَ عَلَيْكَ الْكِتٰبَ بِالْحَقِّ مُصَدِّقًا لِّمَا بَيْنَ يَدَيْهِ وَاَنْزَلَ التَّوْرٰىةَ وَالْاِنْجِيْلَ ④

٤. انهيءَ توتي هي ڪتاب حق تي مشتمل لاٿو آهي جيڪو انهيءَ (وحيءَ) کي جيڪا هن (ڪتاب) کان پهريائين (آئي) هئي پورو ڪرڻ وارو آهي ۽ انهيءَ ماڻهن کي هدايت ڏيڻ لاءِ هن کان پهريائين تورات ۽ انجيل کي نازل ڪيو هو.

مِنْ قَبْلُ هُدًى لِّلنَّاسِ وَاَنْزَلَ الْفُرْقَانَ ۬
اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِاٰيٰتِ اللّٰهِ لَهُمْ عَذَابٌ شَدِيْدٌ ۭ
وَاللّٰهُ عَزِيْزٌ ذُو انْتِقَامٍ ⑤

٥. ۽ (پڻ) انهيءَ فيصلہ ڪن نشان نازل ڪيو آهي جن ماڻهن الله جي نشانن جو انڪار ڪيو آهي انهن جي لاءِ يقيناً سخت عذاب (مقدر) آهي ۽ الله غالب (۽) سزا ڏيڻ وارو آهي.

اِنَّ اللّٰهَ لَا يَخْفٰى عَلَيْهِ شَيْءٌ فِي الْاَرْضِ وَلَا فِي السَّمَآءِ ⑥

٦. الله کان هرگز ڪابہ شي مخفي نہ آهي (نہ) زمين ۾ ۽ نہ آسمان ۾.

هُوَ الَّذِيْ يُصَوِّرُكُمْ فِي الْاَرْحَامِ كَيْفَ يَشَآءُ ۭ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ⑦

٧. اهو ئي آهي جيڪو رحمن ۾ جهڙي چاهي ٿو توهان کي شڪل ڏئي ٿو. انهيءَ کانسواءِ

کو بہ عبادت جو مستحق نہ آهي. اهو
غالب (۽) حڪمت وارو آهي.

هُوَ الَّذِىٓ اَنْزَلَ عَلَيْكَ الْكِتٰبَ مِنْهُ اٰيٰتٌ مُّحْكَمٰتٌ
هُنَّ اُمُّ الْكِتٰبِ وَاُخَرُ مُتَشٰبِهٰتٌ ؕ فَاَمَّا الَّذِيْنَ فِىْ
قُلُوْبِهِمْ زَيْغٌ فَيَتَّبِعُوْنَ مَا تَشَابَهَ مِنْهُ ابْتِغَآءَ
الْفِتْنَةِ وَابْتِغَآءَ تَاْوِيْلِهٖ ۚ وَمَا يَعْلَمُ تَاْوِيْلَهٗٓ
اِلَّا اللّٰهُ ۘ وَالرّٰسِخُوْنَ فِى الْعِلْمِ يَقُوْلُوْنَ اٰمَنَّا بِهٖ ۙ كُلٌّ
مِّنْ عِنْدِ رَبِّنَا ۚ وَمَا يَذَّكَّرُ اِلَّآ اُولُوا الْاَلْبَابِ ⑧

٨. اهوئي آهي جنهن توتي هي ڪتاب نازل
ڪيو آهي جنهنجون ڪي (آيتون تہ)
محڪم آيتون آهن جيڪي هن ڪتاب جو
بنياد آهن ۽ ڪجهہ ٻيون (آهن جيڪي)
متشابہ آهن. پوءِ جن ماڻهن جي دلين ۾
ڏنگ آهي اهي فتني جي خيال کان ۽ هن
(ڪتاب) کي (انهيءَ جي حقيقت کان)
ڦيرائڻ جي لاءِ انهن (آيتن) جي پٺيان لڳي
ٿا پون جيڪي هن (ڪتاب)۾ متشابہ آهن.
حالانڪ هن جي تفسير کي سواءِ الله جي ۽
علم ۾ ڪامل دستگاهہ رکڻ وارن جي (تہ)
جيڪي چون ٿا (تہ) اسان هن (ڪلام) تي
ايمان رکون ٿا (۽ جيڪي چون ٿا تہ اهو)
سڀ اسانجي رب جي طرف کان ئي آهي
ڪوئي نہ ٿو ڄاڻي ۽ عقلمندن کانسواءِ
ڪوبہ نصيحت حاصل نہ ٿو ڪري.

رَبَّنَا لَا تُزِغْ قُلُوْبَنَا بَعْدَ اِذْ هَدَيْتَنَا وَهَبْ لَنَا مِنْ
لَّدُنْكَ رَحْمَةً ۚ اِنَّكَ اَنْتَ الْوَهَّابُ ⑨

٩. اي اسانجا رب ! تون اسانکي هدايت ڏيڻ
کان پوءِ اسانجي دلين کي ڏنگو نہ ڪر ۽
اسان کي پنهنجي طرفان رحمت (جو سامان)
عطا ڪر يقينن تون ئي گهڻو عطا ڪرڻ وارو
آهين.

رَبَّنَآ اِنَّكَ جَامِعُ النَّاسِ لِيَوْمٍ لَّا رَيْبَ فِيْهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ
لَا يُخْلِفُ الْمِيْعَادَ ⑩

١٠. اي اسانجا رب! تون يقينن سڀني ماڻهن
کي انهيءَ ڏينهن جنهن (جي اچڻ) ۾ ڪوبہ
شڪ (شبهو) نہ آهي جمع ڪندين. الله
هرگز وعدي خلافي نہ ٿو ڪري.

اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَنْ تُغْنِىَ عَنْهُمْ اَمْوَالُهُمْ وَلَآ اَوْلَادُهُمْ
مِّنَ اللّٰهِ شَيْـًٔا ؕ وَاُولٰٓئِكَ هُمْ وَقُوْدُ النَّارِ ⑪

١١. جيڪي ماڻهو ڪافر آهن انهن جو مال ۽
انهن جو اولاد خدا جي مقابلي ۾ ڪجهہ بہ
ڪم نہ ايندو ۽ اهي ئي ماڻهو دوزخ جو ٻارڻ

آهن.

كَدَاْبِ اٰلِ فِرْعَوْنَ ۙ وَالَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ ۭ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا ۚ فَاَخَذَهُمُ اللّٰهُ بِذُنُوْبِهِمْ ۭ وَاللّٰهُ شَدِيْدُ الْعِقَابِ ﴿١٢﴾

١٢۔ (انهن جو طريقو) فرعون جي پيروي ۽ انهن ماڻهن جي طريقي جي مطابق (آهي) جيڪي انهن کان پهرئين هئا. انهن اسانجي نشانن کي ڪوڙو ڪيو هو تنهنڪري الله انهن جي قصورن جي بدلي انهن کي پڪڙ ڪئي ۽ الله جو عذاب سخت (هوندو) آهي.

قُلْ لِّلَّذِيْنَ كَفَرُوْا سَتُغْلَبُوْنَ وَتُحْشَرُوْنَ اِلٰى جَهَنَّمَ ۭ وَبِئْسَ الْمِهَادُ ﴿١٣﴾

١٣۔ جيڪي ماڻهو ڪافر آهن انهن کي چؤ تہ توهان کي ضرور مغلوب ڪيو ويندو ۽ جهنم ڏانهن گڏ ڪري نيو ويندو ۽ اهو ڏاڍو بڇڙو ٺڪاڻو آهي.

قَدْ كَانَ لَكُمْ اٰيَةٌ فِيْ فِئَتَيْنِ الْتَقَتَا ۭ فِئَةٌ تُقَاتِلُ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَاُخْرٰى كَافِرَةٌ يَّرَوْنَهُمْ مِّثْلَيْهِمْ رَاْيَ الْعَيْنِ ۭ وَاللّٰهُ يُؤَيِّدُ بِنَصْرِهٖ مَنْ يَّشَاۗءُ ۭ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَعِبْرَةً لِّاُولِي الْاَبْصَارِ ﴿١٤﴾

١٤۔ انهن ٻن گروهن مان جيڪي هڪ ٻئي سان جنگ تي آمادہ هئا توهانجي لاءِ يقينن هڪ نشان هئو. (انهن مان) هڪ گروہ تہ الله جي راہ ۾ جنگ ڪندو هئو ٻيو منڪر هو، اهي (مسلمان) انهن (ڪافرن) کي (پنهنجي انهن ني) اکين سان ڏسي رهيا هئا ۽ الله جنهن کي چاهيٿو پنهنجي مدد ڏيئي قوت بخشي ٿو. انهي (ڳالهہ) ۾ اکين وارن لاءِ يقينن هڪ نصيحت آهي.

زُيِّنَ لِلنَّاسِ حُبُّ الشَّهَوٰتِ مِنَ النِّسَاۗءِ وَالْبَنِيْنَ وَالْقَنَاطِيْرِ الْمُقَنْطَرَةِ مِنَ الذَّهَبِ وَالْفِضَّةِ وَالْخَيْلِ الْمُسَوَّمَةِ وَالْاَنْعَامِ وَالْحَرْثِ ۭ ذٰلِكَ مَتَاعُ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ۚ وَاللّٰهُ عِنْدَهٗ حُسْنُ الْمَاٰبِ ﴿١٥﴾

١٥۔ ماڻهن کي (عام طور تي) پسند ڪيل شين جي يعني عورتن ۽ پٽن ۽ سون ۽ چانديءَ جي محفوظ خزانن ۽ خوبصورت گهوڙن ۽ مال ۽ پوک جي محبت سهڻي شڪل ۾ ڏيکاري وئي آهي. اهو دنيوي زندگيءَ جو سامان آهي ۽ الله (تہ) اها (ذات) آهي جنهن وٽ نهايت عمدو ٺڪاڻو آهي.

قُلْ اَؤُنَبِّئُكُمْ بِخَيْرٍ مِّنْ ذٰلِكُمْ ۭ لِلَّذِيْنَ اتَّقَوْا عِنْدَ رَبِّهِمْ جَنّٰتٌ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا

١٦۔ تون چئہ (تہ) ڇا مان توهانکي انهيءَ کان (بہ) بهتر شي ٻڌايان؟ جيڪي ماڻهو

وَاَزْوَاجٌ مُّطَهَّرَةٌ وَّرِضْوَانٌ مِّنَ اللّٰهِ ۭ وَاللّٰهُ بَصِيْرٌۢ بِالْعِبَادِ ۚ ﴿١٥﴾

تقوي اختيار ڪن ٿا انهن جي لاءِ انهن جي رب وٽ اهڙا باغ آهن جنهنجي هيٺان نهرون وهن ٿيون (اهي) انهن ۾ رهندا ۽ پڻ انهن جي لاءِ پاڪ عورتون ۽ الله جي رضا (مقدر) آهي ۽ الله پنهنجن ٻانهن کي ڏسي رهيو آهي.

اَلَّذِيْنَ يَقُوْلُوْنَ رَبَّنَآ اِنَّنَآ اٰمَنَّا فَاغْفِرْ لَنَا ذُنُوْبَنَا وَقِنَا عَذَابَ النَّارِ ﴿١٦﴾

١٧. جيڪي چون ٿا (تہ) اي اسانجا رب! اسان يقينن ايمان آندو آهي تنهنڪري تون اسان جا قصور اسانکي معاف ڪر ۽ اسانکي دوزخ جي عذاب کان بچاءِ.

اَلصّٰبِرِيْنَ وَالصّٰدِقِيْنَ وَالْقٰنِتِيْنَ وَالْمُنْفِقِيْنَ وَالْمُسْتَغْفِرِيْنَ بِالْاَسْحَارِ ﴿١٧﴾

١٨. جيڪي صبر ڪرڻ وارا ۽ سچ ڳالهائڻ وارا ۽ فرمانبردار ۽ (خدا جي لاءِ پنهنجو مال) خرچ ڪرڻ وارا ۽ راتين جي آخري حصي ۾ استغفار ڪرڻ وارا آهن.

شَهِدَ اللّٰهُ اَنَّهٗ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۙ وَالْمَلٰۗىِٕكَةُ وَاُولُوا الْعِلْمِ قَاۗىِٕمًۢا بِالْقِسْطِ ۭ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ﴿١٨﴾

١٩. الله انصاف جي مطابق اهائي شاهدي ڏيئي ٿو تہ حقيقت اها ئي آهي تہ انهيءَ ڪانسواءِ (ٻيو) ڪوبہ معبود ڪونهي ۽ فرشتا بہ ۽ علم وارا بہ (اهائي شاهدي ڏين ٿا) تہ انهيءَ ڪانسواءِ پرستش جو ڪو (بہ) مستحق ڪونهي اهو غالب (۽) حڪمت وارو آهي.

اِنَّ الدِّيْنَ عِنْدَ اللّٰهِ الْاِسْلَامُ ۣ وَمَا اخْتَلَفَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ اِلَّا مِنْۢ بَعْدِ مَا جَاۗءَھُمُ الْعِلْمُ بَغْيًۢا بَيْنَھُمْ ۭ وَمَنْ يَّكْفُرْ بِاٰيٰتِ اللّٰهِ فَاِنَّ اللّٰهَ سَرِيْعُ الْحِسَابِ ﴿١٩﴾

٢٠. الله جي نزديڪ ڪامل دين يقينن فرمانبرداري آهي ۽ صرف انهن ئي ماڻهن جنکي ڪتاب ڏنو ويو هو انهيءَ کان پوءِ جو انهن وٽ علم اچي چڪو هو پاڻ ۾ فساد سببان اختلاف ڪيو ۽ جيڪو الله جي نشانن جو انڪار ڪري (اهو ياد رکي تہ) الله يقينن جلد حساب ڪرڻ وارو آهي.

فَاِنْ حَاۗجُّوْكَ فَقُلْ اَسْلَمْتُ وَجْهِيَ لِلّٰهِ وَمَنِ اتَّبَعَنِ ۭ وَقُلْ لِّلَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ وَالْاُمِّيّٖنَ ءَاَسْلَمْتُمْ ۭ فَاِنْ

٢١. هاڻي جيڪڏهين اهي (ماڻهو) توسان جهيڙو ڪن تہ تون (انهن کي) چئي ڇڏ تہ

اَسۡلَمُوۡا فَقَدِ اهۡتَدَوۡا ۚ وَاِنۡ تَوَلَّوۡا فَاِنَّمَا عَلَيۡكَ الۡبَلٰغُ ؕ وَاللّٰهُ بَصِيۡرٌۢ بِالۡعِبَادِ ﴿٢١﴾

مون ۽ انهن ماڻهن جيڪي منهنجي پيروي ڪندڙ آهن پنهنجي پاڻ کي الله جي فرمانبرداريءَ ۾ لڳائي ڇڏيو آهي ۽ جن ماڻهن کي ڪتاب ڏنو ويو آهي (انهن کي) ۽ (پڻ) اُمين کي چئي ڇڏ ته ڇا توهان (به) فرمانبردار ٿيو ٿا. پوءِ جيڪڏهن اهي فرمانبردار ٿي وڃن ته (سمجهو ته) اهي هدايت حاصل ڪري ويا ۽ جيڪڏهن اهي منهن ڦيرائي ڇڏين ته تنهنجي ذمي صرف پهچائي ڇڏڻ آهي ۽ الله ٻانهن کي ڏسي رهيو آهي.

اِنَّ الَّذِيۡنَ يَكۡفُرُوۡنَ بِاٰيٰتِ اللّٰهِ وَيَقۡتُلُوۡنَ النَّبِيّٖنَ بِغَيۡرِ حَقٍّ ۙ وَّيَقۡتُلُوۡنَ الَّذِيۡنَ يَاۡمُرُوۡنَ بِالۡقِسۡطِ مِنَ النَّاسِ ۙ فَبَشِّرۡهُمۡ بِعَذَابٍ اَلِيۡمٍ ﴿٢٢﴾

٢٢. جيڪي ماڻهو الله جي آيتن جو انڪار ڪن ٿا ۽ سواءِ سبب جي نبين کي قتل ڪرڻ چاهين ٿا ۽ (پڻ) ماڻهن مان جيڪي انصاف جي هدايت ڪن ٿا انهن کي (به) قتل ڪرڻ چاهين ٿا ته انهن کي دردناڪ عذاب جي خبر ڏي.

اُولٰٓـئِكَ الَّذِيۡنَ حَبِطَتۡ اَعۡمَالُهُمۡ فِى الدُّنۡيَا وَالۡاٰخِرَةِ وَمَا لَهُمۡ مِّنۡ نّٰصِرِيۡنَ ﴿٢٣﴾

٢٣. هي اهي (ماڻهو ) آهن جو جن جا اعمال هن دنيا (۾ به) ۽ آخرت ۾ (به) ضائع ٿي ويندا ۽ انهن جو ڪو به مددگار نه هوندو.

اَلَمۡ تَرَ اِلَى الَّذِيۡنَ اُوۡتُوۡا نَصِيۡبًا مِّنَ الۡكِتٰبِ يُدۡعَوۡنَ اِلٰى كِتٰبِ اللّٰهِ لِيَحۡكُمَ بَيۡنَهُمۡ ثُمَّ يَتَوَلّٰى فَرِيۡقٌ مِّنۡهُمۡ وَهُمۡ مُّعۡرِضُوۡنَ ﴿٢٤﴾

٢٤. ڇا توکي انهن ماڻهن جو علم ڪونهي جنکي شريعت جو هڪ حصو ڏنو ويو آهي (جو جيڪڏهن) انهن کي الله جي ڪتاب ڏانهن سڏيو وڃي ٿو انهيءَ لاءِ ته اهو انهن جي وچ ۾ فيصلو ڪري ڇڏي ته انهن مان ڪجهه ماڻهو (انهيءَ کان) ٽٽائيندي منهن ڦيرائي ٿا ڇڏين.

ذٰلِكَ بِاَنَّهُمۡ قَالُوۡا لَنۡ تَمَسَّنَا النَّارُ اِلَّاۤ اَيَّامًا مَّعۡدُوۡدٰتٍ ۖ وَغَرَّهُمۡ فِىۡ دِيۡنِهِمۡ مَّا كَانُوۡا يَفۡتَرُوۡنَ ﴿٢٥﴾

٢٥. اهو (ٽٽائڻ) انهيءَ سبب ڪري آهي جو اهي چون ٿا ته سواءِ چند ڳاڻاڻي وارن ڏينهن جي اسان کي باهه هرگز نه ڇهندي ۽ جيڪو

ذني) جيڪو هڪ ٻئي سان پوري مطابقت رکڻ وارا هو ۽ الله ڏاڍو ٻڌڻ وارو (۽) ڏاڍو ڄاڻڻ وارو آهي.

اِذْ قَالَتِ امْرَاَتُ عِمْرٰنَ رَبِّ اِنِّيْ نَذَرْتُ لَكَ مَا فِيْ بَطْنِيْ مُحَرَّرًا فَتَقَبَّلْ مِنِّيْ ۚ اِنَّكَ اَنْتَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ ﴿٣٥﴾

٣٦- (ياد ڪيو) جڏهين (آل) عمران جي عورت چيو تہ اي منهنجا رب ! جيڪي منهنجي پيٽ ۾ آهي (انهيءَ کي) آزاد ڪري مون تنهنجي نظر ڪري ڇڏيو آهي پوءِ تون (انهيءَ کي) منهن جي طرفان جيئن بہ ٿئي قبول فرماءِ - يقينن تون ئي ڏاڍو ٻڌڻ وارو (۽) ڏاڍو ڄاڻڻ وارو آهين.

فَلَمَّا وَضَعَتْهَا قَالَتْ رَبِّ اِنِّيْ وَضَعْتُهَآ اُنْثٰى ۭ وَاللّٰهُ اَعْلَمُ بِمَا وَضَعَتْ ۭ وَلَيْسَ الذَّكَرُ كَالْاُنْثٰى ۚ وَاِنِّىْ سَمَّيْتُهَا مَرْيَمَ وَاِنِّىْٓ اُعِيْذُھَا بِكَ وَذُرِّيَّتَهَا مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ﴿٣٦﴾

٣٧- پوءِ جڏهين اها انکي ڄڻي واندي ٿي، انهيءَ چيو تہ اي منهنجا رب! مون تہ هنکي ڇوڪريءَ جي شڪل ۾ ڄڻيو آهي ۽ جيڪي ڪجهہ انهيءَ ڄڻيو هو انهيءَ کي الله (سيني کان) وڌيڪ ڄاڻندو هو ۽ (انهيءَ جو ذهني) ڇوڪرو (انهيءَ) ڇوڪريءَ وانگر نہ ٿي (ٿي سگهيو) ۽ (چيائين تہ) مون انهيءَ جو نالو مريم رکيو آهي ۽ مان انهيءَ کي ۽ انهيءَ جي اولاد کي مردود شيطان (جي حملي) کان تنهنجي پناهہ ۾ ڏيان ٿي.

فَتَقَبَّلَهَا رَبُّهَا بِقَبُوْلٍ حَسَنٍ وَّاَنْۢبَتَهَا نَبَاتًا حَسَـنًا ۙ وَّكَفَّلَهَا زَكَرِيَّا ۚ كُلَّمَا دَخَلَ عَلَيْهَا زَكَرِيَّا الْمِحْرَابَ ۙ وَجَدَ عِنْدَھَا رِزْقًا ۚ قَالَ يٰمَرْيَمُ اَنّٰى لَكِ ھٰذَا ۭ قَالَتْ ھُوَ مِنْ عِنْدِ اللّٰهِ ۭ اِنَّ اللّٰهَ يَرْزُقُ مَنْ يَّشَاۗءُ بِغَيْرِ حِسَابٍ ﴿٣٧﴾

٣٨- تڏهين انهيءَ جي رب انهيءَ کي تمام سٺيءَ طرح قبول ڪيو ۽ انهيءَ کي عمدگيءَ سان وڌايو ۽ ذڪريا انهيءَ جو مربي بنيو - جڏهين بہ ذڪريا گهر جي بهترين حصي ۾ انهيءَ وٽ ويندو هو (تہ) انهيءَ وٽ ڪو (نہ ڪو) کاڌو ڏسندو هو (سو هڪ ڏينهن ائين ڏسي) انهيءَ چيو تہ اي مريم هيءَ تنهنجي لاءِ ڪٿان آيو آهي ؟ انهيءَ چيو الله جي جناب کان - الله جنهنکي چاهي ٿو يقينن بي حساب ڏئي ٿو.

هُنَالِكَ دَعَا زَكَرِيَّا رَبَّهٗ ۚ قَالَ رَبِّ هَبْ لِيْ مِنْ
لَّدُنْكَ ذُرِّيَّةً طَيِّبَةً ۚ اِنَّكَ سَمِيْعُ الدُّعَآءِ ﴿٣٩﴾

٣٩. تڏهين ذڪريا پنهنجي رب کي پڪاريو (۽) چيو ته اي منهنجا رب! تون مونکي (به) پنهن جي جناب مان پاڪ اولاد بخش. تون يقينن دعائن کي ڏاڍو قبول ڪرڻ وارو آهين.

فَنَادَتْهُ الْمَلٰٓئِكَةُ وَهُوَ قَآئِمٌ يُّصَلِّيْ فِي الْمِحْرَابِ ۙ
اَنَّ اللّٰهَ يُبَشِّرُكَ بِيَحْيٰى مُصَدِّقًا ۢ بِكَلِمَةٍ مِّنَ اللّٰهِ
وَسَيِّدًا وَّحَصُوْرًا وَّ نَبِيًّا مِّنَ الصّٰلِحِيْنَ ﴿٤٠﴾

٤٠. انهيءَ تي فرشتن انهيءَ کي جڏهين اهو گهرجي بهترين حصي ۾ نماز پڙهي رهيو هو، سڏ ڪري چيو ته الله توکي يحيٰ جي بشارت ڏئي ٿو جيڪو الله جي هڪ ڳالهه کي پورو ڪرڻ وارو هوندو ۽ (پڻ) سردار ۽ (گناهن کان) روڪڻ وارو ۽ نيڪين ۾ (ترقي ڪري) نبي ٿيندو.

قَالَ رَبِّ اَنّٰى يَكُوْنُ لِيْ غُلٰمٌ وَّقَدْ بَلَغَنِيَ الْكِبَرُ
وَامْرَاَتِيْ عَاقِرٌ ؕ قَالَ كَذٰلِكَ اللّٰهُ يَفْعَلُ مَا يَشَآءُ ﴿٤١﴾

٤١. انهيءَ چيو ته اي منهنجا رب! مونکي (منهنجي زندگيءَ ۾ وڏي عمر پائڻ وارو) ڇوڪرو ڪيئن ملندو جيتوڻيڪ مونتي پيري اچي چڪي آهي ۽ منهنجي زال سنڍ آهي. فرمايائين الله اهڙوئي (قادر) آهي اهو جيڪو چاهي ٿو ڪري ٿو.

قَالَ رَبِّ اجْعَلْ لِّيْٓ اٰيَةً ؕ قَالَ اٰيَتُكَ اَلَّا تُكَلِّمَ النَّاسَ
ثَلٰثَةَ اَيَّامٍ اِلَّا رَمْزًا ؕ وَاذْكُرْ رَّبَّكَ كَثِيْرًا وَّسَبِّحْ بِالْعَشِيِّ
وَالْاِبْكَارِ ﴿٤٢﴾

ع

٤٢. (پوءِ) انهيءَ چيو اي منهنجا رب! منهنجي لاءِ ڪو حڪم ڏي. فرمايائين توکي هي حڪم آهي ته تون ماڻهن سان ٽن ڏينهن تائين اشاري کانسواءِ نه ڳالهاءِ ۽ پنهنجي رب کي ڏاڍو ياد ڪر ۽ شام ۽ صبح اُلجي تسبيح ڪر.

وَاِذْ قَالَتِ الْمَلٰٓئِكَةُ يٰمَرْيَمُ اِنَّ اللّٰهَ اصْطَفٰىكِ وَ
طَهَّرَكِ وَاصْطَفٰىكِ عَلٰى نِسَآءِ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٤٣﴾

٤٣. ۽ (انهيءَ وقت کي ياد ڪيو) جڏهين ملائڪن چيو ته اي مريم! الله توکي برگزيده ڪيو آهي ۽ پاڪ ڪيو آهي ۽ سڀني جهانن جي عورتن جي مقابلي ۾ توکي چونڊيو آهي.

يٰمَرْيَمُ اقْنُتِيْ لِرَبِّكِ وَاسْجُدِيْ وَارْكَعِيْ مَعَ الرّٰكِعِيْنَ ۝٤٣

۴۴- اي مريم ! تون پنهنجي رب جي فرمانبردار بڻج ۽ سجدو ڪر ۽ صرف توحيد مطابق پرستش ڪرڻ وارن سان ملي توحيد مطابق پرستش ڪر.

ذٰلِكَ مِنْ اَنْۢبَآءِ الْغَيْبِ نُوْحِيْهِ اِلَيْكَ ۭ وَمَا كُنْتَ لَدَيْهِمْ اِذْ يُلْقُوْنَ اَقْلَامَهُمْ اَيُّهُمْ يَكْفُلُ مَرْيَمَ ۠ وَمَا كُنْتَ لَدَيْهِمْ اِذْ يَخْتَصِمُوْنَ ۝٤٤

۴۵- هي غيب جي خبرن مان (هڪ خبر) آهي جنهنکي اسان توتي وحيءَ (جي ذريعي ظاهر) ڪيون ٿا ۽ جڏهين اهي پنهنجن تيرن کي (انهيءَ لاءِ) اڇلي رهيا هئا ته انهن مان ڪير مريم جي خبرگيري ڪري ته تون انهن وٽ نه هئين ۽ نه (ئي) تون (انهيءَ وقت) انهن وٽ هئين جڏهين اهي جهڳڙو ڪري رهيا هئا.

اِذْ قَالَتِ الْمَلٰۗىِٕكَةُ يٰمَرْيَمُ اِنَّ اللّٰهَ يُبَشِّرُكِ بِكَلِمَةٍ مِّنْهُ ڰ اسْمُهُ الْمَسِيْحُ عِيْسَى ابْنُ مَرْيَمَ وَجِيْهًا فِي الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةِ وَمِنَ الْمُقَرَّبِيْنَ ۝٤٥

۴۶- (پوءِ انهيءَ وقت کي ياد ڪر) جڏهين فرشتن چيو هو ته اي مريم ! الله توکي پنهنجي هڪ ڪلام جي ذريعي (هڪ ڇوڪري جي) بشارت ڏيئي ٿو انهيءَ (مبشر) جي نالو مسيح عيسيٰ بن مريم هوندو جيڪو هن دنيا ۽ آخرت ۾ صاحب منزلت هوندو ۽ (خدا جي) مقربن مان هوندو.

وَيُكَلِّمُ النَّاسَ فِي الْمَهْدِ وَكَهْلًا وَّمِنَ الصّٰلِحِيْنَ ۝٤٦

۴۷- ۽ ننڍپڻ (يعني ننڍڙي عمر) ۾ به ماڻهن سان ڳالهيون ڪندو ۽ اڌڙوڻ عمر هڻڻ جي حالت ۾ (به) ۽ نيڪ ماڻهن مان هوندو.

قَالَتْ رَبِّ اَنّٰى يَكُوْنُ لِيْ وَلَدٌ وَّلَمْ يَمْسَسْنِيْ بَشَرٌ ۭ قَالَ كَذٰلِكِ اللّٰهُ يَخْلُقُ مَا يَشَاۗءُ ۭ اِذَا قَضٰٓى اَمْرًا فَاِنَّمَا يَقُوْلُ لَهٗ كُنْ فَيَكُوْنُ ۝٤٧

۴۸- انهيءَ چيو (ته) اي منهنجا رب! مونکي ٻار ڪيئن ٿيندو. جيتوڻيڪ ڪنهن انسان (به) مونکي هٿ نه لاتو آهي. فرمايائين الله (جو ڪم) ائين ئي (هوندو) آهي. اهو جيڪي چاهي ٿو، پيدا ڪري ٿو (۽) جڏهين اهو ڪنهن ڳالهه جو فيصلو ڪري وٺندو آهي ته انهيءَ جي متعلق صرف اهو فرمائيندو آهي ته تون وجود ۾ اچي وڃ.

سو اهو وجود ۾ اچي ويندو آهي.

وَيُعَلِّمُهُ الْكِتٰبَ وَالْحِكْمَةَ وَالتَّوْرٰىةَ وَالْاِنْجِيْلَ ۝٤٩

۴۹. ۽ (اها بہ بشارت ڏني تہ الله) انهيءَ کي ڪتاب ۽ حڪمت (جون ڳالهيون) سيڪاريندو ۽ توريت ۽ انجيل (سيڪاريندو).

وَرَسُوْلًا اِلٰى بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ ۙ اَنِّيْ قَدْ جِئْتُكُمْ بِاٰيَةٍ مِّنْ رَّبِّكُمْ ۙ اَنِّيْٓ اَخْلُقُ لَكُمْ مِّنَ الطِّيْنِ كَهَيْـَٔةِ الطَّيْرِ فَاَنْفُخُ فِيْهِ فَيَكُوْنُ طَيْرًا بِاِذْنِ اللّٰهِ ۚ وَاُبْرِئُ الْاَكْمَهَ وَالْاَبْرَصَ وَاُحْيِ الْمَوْتٰى بِاِذْنِ اللّٰهِ ۚ وَاُنَبِّئُكُمْ بِمَا تَاْكُلُوْنَ وَمَا تَدَّخِرُوْنَ ۙ فِيْ بُيُوْتِكُمْ ۭ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً لَّكُمْ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ۝٥٠

۵۰. ۽ بني اسرائيل ڏانهن رسول (بنائي انهيءَ کي انهيءَ پيغام سان موڪليندو) تہ مان توهان وٽ توهان جي رب جي طرفان هڪ نشان ڪڻي آيو آهيان (۽ اهو هيءَ آهي) تہ مان توهانجي (فائدي جي) لاءِ مٽيءَ جي خاصيت رکڻ وارن پکين جي پيدا ڪرڻ وانگر (مخلوق) پيدا ڪندس پوءِ مان انهن ۾ هڪ نئون روح ڦوڪيندس جنهن تي اهي الله جي حڪم جي ماتحت اڏامڪ ٿي ويندا ۽ مان الله جي حڪم جي ماتحت انڌن کي ۽ ڪوڙهين کي چڱو ڀلو ڪندس ۽ مردن کي زنده ڪندس ۽ جيڪي ڪجهہ توهان کائيندؤ ۽ جيڪي ڪجهہ توهان پنهنجي گهرن ۾ گڏ ڪندؤ انهيءَ جي توهان کي خبر ڏيندس (۽) جيڪڏهين توهان مومن آهيو تہ انهيءَ ۾ توهان جي لاءِ هڪ نشان هوندو.

وَمُصَدِّقًا لِّمَا بَيْنَ يَدَيَّ مِنَ التَّوْرٰىةِ وَلِاُحِلَّ لَكُمْ بَعْضَ الَّذِيْ حُرِّمَ عَلَيْكُمْ وَجِئْتُكُمْ بِاٰيَةٍ مِّنْ رَّبِّكُمْ ۣ فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَاَطِيْعُوْنِ ۝٥١

۵۱. ۽ (مان انهيءَ وحيءَ کي) جيڪا مون کان پهريائين (اچي چڪي) آهي يعني تورات انهيءَ کي پورو ڪرڻ وارو (بڻجي آيو) آهيان. ۽ انهيءَ لاءِ (آيو آهيان) جو ڪي اهڙيون شيون جيڪي توهان جي لاءِ حرام قرار ڏنيون ويون هيون، توهان لاءِ حلال ڪري ڇڏيان ۽ مان توهان وٽ توهان جي رب جي طرفان هڪ نشان ڪڻي آيو آهيان تنهن ڪري توهان الله جي تقويٰ اختيار ڪيو ۽ منهنجي اطاعت ڪيو.

اِنَّ اللّٰهَ رَبِّيْ وَ رَبُّكُمْ فَاعْبُدُوْهُ ؕ هٰذَا صِرَاطٌ مُّسْتَقِيْمٌ ﴿۵۲﴾

۵۲- الله يقينن منهنجو (بہ) رب (آهي) ۽ توهان جو (بہ) رب آهي - سو توهان انهيءَ جي عبادت ڪيو. اهو سڌو رستو آهي.

فَلَمَّآ اَحَسَّ عِيْسٰى مِنْهُمُ الْكُفْرَ قَالَ مَنْ اَنْصَارِيْٓ اِلَى اللّٰهِ ؕ قَالَ الْحَوَارِيُّوْنَ نَحْنُ اَنْصَارُ اللّٰهِ ۚ اٰمَنَّا بِاللّٰهِ ۚ وَ اشْهَدْ بِاَنَّا مُسْلِمُوْنَ ﴿۵۳﴾

۵۳- پوءِ جڏهن عيسيٰ انهنجي طرفان انڪار ڏٺو تہ چيائين تہ الله جي لاءِ ڪير (ماڻهو) منهنجا مددگار بڻجن ٿا. حوارين چيو تہ اسان الله جي (دين جا) مددگار آهيون.اسان الله تي ايمان رکون ٿا ۽ تون شاهد رهجان تہ اسان فرمانبردار آهيون.

رَبَّنَآ اٰمَنَّا بِمَآ اَنْزَلْتَ وَ اتَّبَعْنَا الرَّسُوْلَ فَاكْتُبْنَا مَعَ الشّٰهِدِيْنَ ﴿۵۴﴾

۵۴- اي اسانجا رب! جيڪي ڪجهہ تو لاٿو آهي انهيءَ تي اسان ايمان آندو آهي ۽ اسان انهيءَ رسول جا تابعدار ٿي ويا آهيون - تنهن ڪري تون اسانکي شاهدن ۾ لکي ڇڏ.

وَ مَكَرُوْا وَ مَكَرَ اللّٰهُ ؕ وَ اللّٰهُ خَيْرُ الْمٰكِرِيْنَ ﴿۵۵﴾ ع

۵۵- ۽ هنن (يعني مسيح جي دشمنن) بہ تدبيرون ڪيون ۽ الله بہ تدبيرون ڪيون ۽ الله سڀني تدبيرن ڪرڻ وارن مان بهتر تدبيرون ڪرڻ وارو آهي.

اِذْ قَالَ اللّٰهُ يٰعِيْسٰٓى اِنِّيْ مُتَوَفِّيْكَ وَ رَافِعُكَ اِلَيَّ وَ مُطَهِّرُكَ مِنَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَ جَاعِلُ الَّذِيْنَ اتَّبَعُوْكَ فَوْقَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا اِلٰى يَوْمِ الْقِيٰمَةِ ۚ ثُمَّ اِلَيَّ مَرْجِعُكُمْ فَاَحْكُمُ بَيْنَكُمْ فِيْمَا كُنْتُمْ فِيْهِ تَخْتَلِفُوْنَ ﴿۵۶﴾

۵۶- (انهيءَ وقت کي ياد ڪيو) جڏهن الله چيو. اي عيسيٰ! مان توکي (طبعي طور تي) وفات ڏيندس ۽ توکي پنهنجي حضور ۾ عزت بخشيندس ۽ ڪافرن (جي الزامن) کان توکي پاڪ ڪندس ۽ جيڪي تنهنجا پيروڪار آهن انهن کي انهن ماڻهن تي جيڪي منڪر آهن قيامت جي ڏينهن تائين غالب رکندس. پوءِ مون ڏانهن ئي توهان کي موٽڻو پوندو. تڏهن مان انهن ڳالهين ۾ جن ۾ توهان اختلاف ڪيو ٿا توهان جي وچ ۾ فيصلو ڪندس.

فَاَمَّا الَّذِيْنَ كَفَرُوْا فَاُعَذِّبُهُمْ عَذَابًا شَدِيْدًا فِي الدُّنْيَا وَ الْاٰخِرَةِ ۫ وَ مَا لَهُمْ مِّنْ نّٰصِرِيْنَ ﴿۵۷﴾

۵۷- سو جيڪي ماڻهو ڪافر آهن. انهن کي مان هن دنيا (۾ بہ) ۽ آخرت ۾ (بہ). سخت عذاب ڏيندس ۽ انهن جو ڪوبہ مددگار نہ

هوندو.

وَاَمَّا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ فَيُوَفِّيْهِمْ اُجُوْرَهُمْ ۗ وَاللّٰهُ لَا يُحِبُّ الظّٰلِمِيْنَ ﴿٥٧﴾

٥٨. ۽ جيڪي ماڻهو مومن آهن ۽ انهن نيڪ (۽ مناسب حال) عمل ڪيا آهن اهو انهن (جي عملن) جو اجر پورو (پورو) ڏيندو ۽ الله ظالمن سان محبت نہ ٿو رکي.

ذٰلِكَ نَتْلُوْهُ عَلَيْكَ مِنَ الْاٰيٰتِ وَالذِّكْرِ الْحَكِيْمِ ﴿٥٨﴾

٥٩. انهيءَ کي يعني آيتن ۽ حڪمت واري تعليم اسان توکي پڙهي ٻڌايون ٿا.

اِنَّ مَثَلَ عِيْسٰى عِنْدَ اللّٰهِ كَمَثَلِ اٰدَمَ ۗ خَلَقَهٗ مِنْ تُرَابٍ ثُمَّ قَالَ لَهٗ كُنْ فَيَكُوْنُ ﴿٥٩﴾

٦٠. (ياد رکو) عيسيٰ جو حال الله وٽ يقينن آدم جي حال وانگر آهي انهيءَ کي (يعني آدم کي) هن خشڪ مٽي مان پيدا ڪيو پوءِ انهيءَ جي متعلق چيو تہ تون وجود ۾ اچي وڃ تہ اهو وجود ۾ اچڻ لڳو.

اَلْحَقُّ مِنْ رَّبِّكَ فَلَا تَكُنْ مِّنَ الْمُمْتَرِيْنَ ﴿٦٠﴾

٦١. هيءَ تنهنجي رب جي طرفان حق آهي تنهن ڪري تون شڪ ڪرڻ وارن مان نہ بنج هاڻي.

فَمَنْ حَآجَّكَ فِيْهِ مِنْ بَعْدِ مَا جَآءَكَ مِنَ الْعِلْمِ فَقُلْ تَعَالَوْا نَدْعُ اَبْنَآءَنَا وَاَبْنَآءَكُمْ وَنِسَآءَنَا وَنِسَآءَكُمْ وَاَنْفُسَنَا وَاَنْفُسَكُمْ ۟ ثُمَّ نَبْتَهِلْ فَنَجْعَلْ لَّعْنَتَ اللّٰهِ عَلَى الْكٰذِبِيْنَ ﴿٦١﴾

٦٢. جيڪو (شخص) تو وٽ علم (الاهي) جي اچي وڃڻ کان پوءِ تو سان انهيءَ جي متعلق بحث ڪري تہ تون (انهيءَ کي) چئي ڏي (تہ) اچو اسان پنهنجي پٽن کي سڏيون ۽ توهان پنهنجن پٽن کي ۽ اسان پنهنجي عورتن کي ۽ توهان پنهنجي عورتن کي ۽ اسان پنهنجي نفسن کي ۽ توهان پنهنجي نفسن کي پوءِ عاجزيءَ سان دعا ڪيون ۽ ڪوڙن تي الله جي لعنت وجهون.

اِنَّ هٰذَا لَهُوَ الْقَصَصُ الْحَقُّ ۚ وَمَا مِنْ اِلٰهٍ اِلَّا اللّٰهُ ۚ وَاِنَّ اللّٰهَ لَهُوَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ﴿٦٢﴾

٦٣. يقينن اهو ئي سچو بيان آهي ۽ الله کانسواءِ ڪو (بہ) پرستش جو مستحق ڪونهي ۽ يقينن الله ئي غالب (۽) حڪمت وارو آهي.

فَاِنْ تَوَلَّوْا فَاِنَّ اللّٰهَ عَلِيْمٌۢ بِالْمُفْسِدِيْنَ ﴿٦٣﴾ ع

٦٤. پوءِ جيڪڏهن اهي ڦري وڃن تہ (ياد

ركن تہ) الله فسادين کي يقينن چڱي طرح
ڄاڻي ٿو.

قُلْ يٰٓاَهْلَ الْكِتٰبِ تَعَالَوْا اِلٰى كَلِمَةٍ سَوَآءٍۢ بَيْنَنَا وَبَيْنَكُمْ
اَلَّا نَعْبُدَ اِلَّا اللّٰهَ وَلَا نُشْرِكَ بِهٖ شَيْـًٔا وَّلَا يَتَّخِذَ بَعْضُنَا
بَعْضًا اَرْبَابًا مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ ؕ فَاِنْ تَوَلَّوْا فَقُوْلُوا اشْهَدُوْا
بِاَنَّا مُسْلِمُوْنَ ﴿۶۵﴾

٦٥۔ تون چؤ (تہ) اي اهل ڪتاب (گھڻ ۽ گھڻ) هڪ اهڙي ڳالهہ جي طرف تہ اچي وڃو جيڪا اسان جي وچ ۽ توهان جي وچ برابر آهي (۽ اها هيءَ آهي) جو اسان الله کان سواءِ ڪنهن جي بہ عبادت نہ ڪيون ۽ ڪنهن بہ شئي کي انهيءَ جو شريڪ نہ سمجهون نہ اسان الله کي ڇڏي پاڻ ۾ هڪ ٻئي کي رب بنايون - پوءِ جيڪڏهن اهي ڦري وڃن تہ انهن کي چؤ تہ توهان شاهد رهو تہ اسان (خدا جا) فرمانبردار آهيون.

يٰٓاَهْلَ الْكِتٰبِ لِمَ تُحَآجُّوْنَ فِيْٓ اِبْرٰهِيْمَ وَمَآ اُنْزِلَتِ
التَّوْرٰىةُ وَالْاِنْجِيْلُ اِلَّا مِنْۢ بَعْدِهٖ ؕ اَفَلَا تَعْقِلُوْنَ ﴿۶۶﴾

٦٦۔ اي اهل ڪتاب! توهان ابراهيم جي باري ۾ بحث ڇو ٿا ڪريو جيتوڻيڪ توريت ۽ انجيل يقينن انهيءَ کان پوءِ نازل ٿيا آهن. پوءِ ڇا توهان سمجهو نہ ٿا.

هٰٓاَنْتُمْ هٰٓؤُلَآءِ حَاجَجْتُمْ فِيْمَا لَكُمْ بِهٖ عِلْمٌ فَلِمَ
تُحَآجُّوْنَ فِيْمَا لَيْسَ لَكُمْ بِهٖ عِلْمٌ ؕ وَاللّٰهُ يَعْلَمُ وَ
اَنْتُمْ لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿۶۷﴾

٦٧۔ ٻڌو ! توهان اهي ماڻهو آهيو جيڪي انهن ڳالهين متعلق بحث ڪندا رهيا آهيو. جن جو توهانکي علم هو. پوءِ (هاڻي) توهان ڇو انهن ڳالهين متعلق بحث ڪرڻ لڳا آهيو جن جو توهان کي ڪجهہ (بہ) علم ڪونهي. حالانڪ الله ڄاڻي ٿو ۽ توهان نہ ٿا ڄاڻو.

مَا كَانَ اِبْرٰهِيْمُ يَهُوْدِيًّا وَّلَا نَصْرَانِيًّا وَّلٰكِنْ كَانَ
حَنِيْفًا مُّسْلِمًا ؕ وَمَا كَانَ مِنَ الْمُشْرِكِيْنَ ﴿۶۸﴾

٦٨۔ نہ ابراهيم يهودي هو ۽ نہ نصراني پر اهو (خدا ڏانهن) جهڪيل رهڻ وارو (۽) فرمانبردار هو ۽ مشرڪن مان نہ هو.

اِنَّ اَوْلَى النَّاسِ بِاِبْرٰهِيْمَ لَلَّذِيْنَ اتَّبَعُوْهُ وَهٰذَا
النَّبِيُّ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا ؕ وَاللّٰهُ وَلِيُّ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿۶۹﴾

٦٩۔ ابراهيم سان ماڻهن مان وڌيڪ تعلق رکڻ وارا يقينن (يقينن) اهي ماڻهو آهن جيڪي انهيءَ جا پيروي ڪندڙ آهن ۽ (پڻ) هيءَ نبي ۽ جن ماڻهن (انهيءَ تي) ايمان آندو - ۽

الله مومن جو دوست آهي.

وَدَّتْ طَّآئِفَةٌ مِّنْ اَهْلِ الْكِتٰبِ لَوْ يُضِلُّوْنَكُمْ وَمَا يُضِلُّوْنَ اِلَّآ اَنْفُسَهُمْ وَمَا يَشْعُرُوْنَ ﴿۷۰﴾

۷۰. اهل ڪتاب مان هڪ گروهہ تمنا رکي ٿو تہ ڪاش اهو توهان کي گمراهہ ڪري ڇڏي ۽ اهي پنهنجي پاڻ کي ئي گمراهيءَ ۾ وجهي رهيا آهن ۽ سمجهن نٿا.

يٰٓاَهْلَ الْكِتٰبِ لِمَ تَكْفُرُوْنَ بِاٰيٰتِ اللّٰهِ وَاَنْتُمْ تَشْهَدُوْنَ ﴿۷۱﴾

۷۱. اي اهل ڪتاب ! توهان ڏسڻ جي باوجود جو الله جي آيتن جو انڪار ڪيو ٿا حالانڪ توهان شاهدي ڏئي چڪا آهيو.

يٰٓاَهْلَ الْكِتٰبِ لِمَ تَلْبِسُوْنَ الْحَقَّ بِالْبَاطِلِ وَتَكْتُمُوْنَ الْحَقَّ وَاَنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿۷۲﴾ ع ۸ ۱۵

۷۲. اي اهل ڪتاب چو توهان ڄاڻي ٻجهي حق کي باطل سان ملايو ۽ حق کي لڪايو ٿا.

وَقَالَتْ طَّآئِفَةٌ مِّنْ اَهْلِ الْكِتٰبِ اٰمِنُوْا بِالَّذِيْٓ اُنْزِلَ عَلَى الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَجْهَ النَّهَارِ وَاكْفُرُوْٓا اٰخِرَهٗ لَعَلَّهُمْ يَرْجِعُوْنَ ﴿۷۳﴾

۷۳. ۽ اهل ڪتاب مان هڪ گروهہ چئي ٿو تہ مومنن تي جيڪي ڪجهہ نازل ڪيو ويو آهي انهيءَ تي ڏينهن جي ابتدائي حصي ۾ تہ ايمان آڻيو ۽ انهيءَ جي پوئين حصي ۾ (انهيءَ کان) انڪار ڪري ڇڏيو. شايد (انهيءَ ذريعي سان) اهي ڦري وڃن.

وَلَا تُؤْمِنُوْٓا اِلَّا لِمَنْ تَبِعَ دِيْنَكُمْ ۗ قُلْ اِنَّ الْهُدٰى هُدَى اللّٰهِ ۙ اَنْ يُّؤْتٰٓى اَحَدٌ مِّثْلَ مَآ اُوْتِيْتُمْ اَوْ يُحَآجُّوْكُمْ عِنْدَ رَبِّكُمْ ۗ قُلْ اِنَّ الْفَضْلَ بِيَدِ اللّٰهِ ۚ يُؤْتِيْهِ مَنْ يَّشَآءُ ۗ وَاللّٰهُ وَاسِعٌ عَلِيْمٌ ﴿۷۴﴾

۷۴. ۽ (چون ٿا تہ) انهيءَ شخص کان سواءِ جيڪو اوهان جي دين جي پيروي ڪندو هجي ڪنهن کي نہ مڃيو. تون چو (تہ) اصل هدايت يعني الله جي هدايت تہ هيءَ آهي تہ ڪنهن کي اهڙوني (ڪي) ملي جهڙو توهان کي مليو هو يا وري اهي توهان جي رب جي حضور توهان سان جهڳڙو ڪن (پڻ) چو تہ فضل تہ يقينن الله جي هٿ ۾ آهي. اهو جنهنکي چاهي ٿو فضل بخشي ٿو ۽ الله ڏاڍي وسعت ڏيڻ وارو ۽ ڏاڍو ڄاڻڻ وارو آهي.

يَّخْتَصُّ بِرَحْمَتِهٖ مَنْ يَّشَآءُ ۗ وَاللّٰهُ ذُو الْفَضْلِ

۷۵. اهو جنهنکي چاهي ٿو (انهيءَ کي)

الْعَظِيْمِ ﴿٧٤﴾

پنهنجي رحمت لاءِ خاص ڪري چڱيئو ۽ الله وڏو فضل ڪرڻ وارو آهي.

وَ مِنْ اَهْلِ الْكِتٰبِ مَنْ اِنْ تَاْمَنْهُ بِقِنْطَارٍ يُّؤَدِّهٖۤ اِلَيْكَ ۚ وَ مِنْهُمْ مَّنْ اِنْ تَاْمَنْهُ بِدِيْنَارٍ لَّا يُؤَدِّهٖۤ اِلَيْكَ اِلَّا مَا دُمْتَ عَلَيْهِ قَآئِمًا ؕ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ قَالُوْا لَيْسَ عَلَيْنَا فِي الْاُمِّيّٖنَ سَبِيْلٌ ۚ وَ يَقُوْلُوْنَ عَلَى اللّٰهِ الْكَذِبَ وَ هُمْ يَعْلَمُوْنَ ﴿٧٥﴾

٧٦ ۽ اهل ڪتاب مان (ڪوتہ) اهڙو آهي جو جيڪڏهن تون انهيءَ کي (مال جو) هڪ ڍير امانت طور ڏيئي ڇڏين تہ اهو توکي واپس ڪري ڇڏيندو ۽ (ڪو) انهن مان (اهڙو) آهي جو جيڪڏهن تون انهيءَ کي هڪ دينار امانت طور ڏين تہ هو اهو (بہ) توکي واپس نہ ڏيندو. سواءِ انهيءَ جي جو تون انهيءَ (جي سر) مٿان بيٺو رهين. اها (ڳالهہ) هن سبب ڪري آهي جو اهي چون ٿا تہ اسان تي اُمّيّن جي باري ۾ ڪابہ پڪڙ نہ آهي ۽ اهي الله تي ڄاڻي (ٻجهي) ڪوڙ ٻڌن ٿا.

بَلٰى مَنْ اَوْفٰى بِعَهْدِهٖ وَ اتَّقٰى فَاِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ الْمُتَّقِيْنَ ﴿٧٦﴾

٧٧ ائين نہ پر جيڪو شخص پنهنجي واعدي کي پورو ڪري ۽ تقويٰ اختيار ڪري تہ (اهو متقي آهي) الله متقين سان يقينن محبت رکي ٿو.

اِنَّ الَّذِيْنَ يَشْتَرُوْنَ بِعَهْدِ اللّٰهِ وَ اَيْمَانِهِمْ ثَمَنًا قَلِيْلًا اُولٰٓئِكَ لَا خَلَاقَ لَهُمْ فِي الْاٰخِرَةِ وَ لَا يُكَلِّمُهُمُ اللّٰهُ وَ لَا يَنْظُرُ اِلَيْهِمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ وَ لَا يُزَكِّيْهِمْ ۪ وَ لَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿٧٧﴾

٧٨ جيڪي ماڻهو الله سان پنهنجن واعدن ۽ قسمن جي بدلي ۾ ٿوري قيمت وٺن ٿا انهن ماڻهن جو آخرت ۾ ڪوبہ حصو نہ هوندو ۽ قيامت جي ڏينهن الله انهن سان نہ ڳالهائيندو ۽ نہ انهن ڏانهن نهاريندو ۽ نہ انهن کي پاڪ ڪندو ۽ انهن جي لاءِ دردناڪ عذاب (مقدر) آهي.

وَ اِنَّ مِنْهُمْ لَفَرِيْقًا يَّلْوٗنَ اَلْسِنَتَهُمْ بِالْكِتٰبِ لِتَحْسَبُوْهُ مِنَ الْكِتٰبِ وَ مَا هُوَ مِنَ الْكِتٰبِ ۚ وَ يَقُوْلُوْنَ هُوَ مِنْ عِنْدِ اللّٰهِ وَ مَا هُوَ مِنْ عِنْدِ اللّٰهِ ۚ وَ يَقُوْلُوْنَ عَلَى اللّٰهِ الْكَذِبَ وَ هُمْ يَعْلَمُوْنَ ﴿٧٨﴾

٧٩ ۽ انهن مان هڪ گروهہ يقينن (اهڙو) آهي جيڪو پنهنجي زبانن کي ڪتاب (يعني توريت) جي ذريعي سان موڙي ٿو انهيءَ لاءِ تہ توهان انهيءَ کي (جيڪو هو چوڻو) ڪتاب مان سمجهو حالانڪ اهو ڪتاب مان

نہ هوندو آهي ۽ اهي چون ٿا تہ اهو الله جي طرفان آهي حالانڪ اهو الله جي طرفان نہ آهي ۽ اهي ڄاڻي (ٻجهي) الله تي ڪوڙ هڻن ٿا.

مَا كَانَ لِبَشَرٍ اَنْ يُّؤْتِيَهُ اللّٰهُ الْكِتٰبَ وَالْحُكْمَ وَ
النُّبُوَّةَ ثُمَّ يَقُوْلَ لِلنَّاسِ كُوْنُوْا عِبَادًا لِّيْ مِنْ دُوْنِ
اللّٰهِ وَلٰكِنْ كُوْنُوْا رَبّٰنِيّٖنَ بِمَا كُنْتُمْ تُعَلِّمُوْنَ الْكِتٰبَ
وَبِمَا كُنْتُمْ تَدْرُسُوْنَ ۙ﴿٨٠﴾

٨٠۔ ڪنهن (سچي) انسان جي شان وٽان ڪونهي جو الله تہ انهيءَ کي ڪتاب ۽ حڪومت ۽ نبوت ڏني ۽ اهو (ائين) چوي (تہ) توهان الله کي ڇڏي منهنجا ٻانها بنجي وڃو. پر (اهڙو انسان ائين چوندو آهي تہ) توهان خدا جا ني ٿي وڃو ڇو جو توهان ڪتاب (الاهي) جي تعليم ڏيو ٿا ۽ انهيءَ لاءِ تہ توهان (انهيءَ کي) ياد ڪيو ٿا.

وَلَا يَاْمُرَكُمْ اَنْ تَتَّخِذُوا الْمَلٰٓئِكَةَ وَالنَّبِيّٖنَ اَرْبَابًا ؕ
اَيَاْمُرُكُمْ بِالْكُفْرِ بَعْدَ اِذْ اَنْتُمْ مُّسْلِمُوْنَ ﴿٨١﴾ ع ٨ ١٦

٨١۔ ۽ نہ (ائي انهيءَ جي لاءِ) اهو (ممڪن آهي) جو توهان کي اها هدايت ڏني تہ توهان فرشتن ۽ نبين کي رب بنايو. ڇا توهان جي مسلمان ٿيڻ کان پوءِ اهو توهان کي ڪفر (اختيار ڪرڻ) جي تعليم ڏيندو.

وَاِذْ اَخَذَ اللّٰهُ مِيْثَاقَ النَّبِيّٖنَ لَمَآ اٰتَيْتُكُمْ مِّنْ
كِتٰبٍ وَّحِكْمَةٍ ثُمَّ جَآءَكُمْ رَسُوْلٌ مُّصَدِّقٌ لِّمَا
مَعَكُمْ لَتُؤْمِنُنَّ بِهٖ وَلَتَنْصُرُنَّهٗ ؕ قَالَ ءَاَقْرَرْتُمْ
وَاَخَذْتُمْ عَلٰى ذٰلِكُمْ اِصْرِيْ ؕ قَالُوْٓا اَقْرَرْنَا ؕ قَالَ
فَاشْهَدُوْا وَاَنَا مَعَكُمْ مِّنَ الشّٰهِدِيْنَ ﴿٨٢﴾

٨٢۔ ۽ (انهيءَ وقت کي بہ ياد ڪيو) جڏهن الله (اهل ڪتاب کان) سڀني نبين وارو پڪو عهد ورتو هو تہ جيڪو بہ ڪتاب ۽ حڪمت مان توهان کي ڏيان پوءِ توهان وٽ ڪو (اهڙو) رسول اچي جيڪو هن ڪلام کي پورو ڪرڻ وارو هجي جيڪو توهان وٽ آهي تہ توهان ضرور انهيءَ تي ايمان آڻجو ۽ ضرور انهيءَ جي مدد ڪجو ۽ (فرمايو) هنائين تہ ڇا توهان اقرار ڪيو ٿا ۽ انهيءَ تي منهن جي (طرفان) ذميداري قبول ڪيو ٿا؟ (۽) انهن چيو هو هائو اسان اقرار ڪيون ٿا. فرمايائين هائي توهان شاهد رهو ۽ مان بہ توهان سان گڏ شاهدن مان (هڪ شاهد)

آهيان.

فَمَنْ تَوَلّٰى بَعْدَ ذٰلِكَ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْفٰسِقُوْنَ ﴿۸۳﴾

٨٣. هاڻي جيڪو (شخص) انهيءَ واعدي کان پوءِ ڦري وڃي تہ اهڙا ماڻهو فاسق هوندا آهن.

اَفَغَيْرَ دِيْنِ اللّٰهِ يَبْغُوْنَ وَلَهٗٓ اَسْلَمَ مَنْ فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ طَوْعًا وَّكَرْهًا وَّاِلَيْهِ يُرْجَعُوْنَ ﴿۸۴﴾

٨٤. پوءِ ڇا اهي الله جي دين کان سواءِ (ڪو ٻيو دين) چاهين ٿا. حالانڪ آسمانن ۽ زمين ۾ جيڪي (ڪي بہ) آهي. خوشيءَ سان (بہ) ۽ ناخوشيءَ سان (بہ) انهيءَ جو فرمانبردار آهي ۽ انهيءَ ڏانهن موٽايو ويندو.

قُلْ اٰمَنَّا بِاللّٰهِ وَمَآ اُنْزِلَ عَلَيْنَا وَمَآ اُنْزِلَ عَلٰٓى اِبْرٰهِيْمَ وَاِسْمٰعِيْلَ وَاِسْحٰقَ وَيَعْقُوْبَ وَالْاَسْبَاطِ وَمَآ اُوْتِيَ مُوْسٰى وَعِيْسٰى وَالنَّبِيُّوْنَ مِنْ رَّبِّهِمْ ۠ لَا نُفَرِّقُ بَيْنَ اَحَدٍ مِّنْهُمْ ۡ وَنَحْنُ لَهٗ مُسْلِمُوْنَ ﴿۸۵﴾

٨٥. تون چؤ (تہ) اسان الله (تي) ۽ جيڪي بہ ڪي اسان تي نازل ڪيو ويو آهي (انهيءَ تي) ۽ جيڪي ڪي ابراهيم ۽ اسماعيل ۽ اسحاق ۽ يعقوب ۽ (انهيءَ جي اولاد) تي نازل ڪيو ويو هو ۽ جيڪي ڪي موسىٰ کي ۽ عيسىٰ کي ۽ سڀني نبين کي انهن جي رب جي طرفان ڏنو ويو هو انهيءَ تي ايمان رکون ٿا ۽ انهن مان ڪنهن هڪ کي ٻئي کان عليحده نٿا سمجهون ۽ اسان انهيءَ جا فرمانبردار آهيون.

وَمَنْ يَّبْتَغِ غَيْرَ الْاِسْلَامِ دِيْنًا فَلَنْ يُّقْبَلَ مِنْهُ ۚ وَهُوَ فِي الْاٰخِرَةِ مِنَ الْخٰسِرِيْنَ ﴿۸۶﴾

٨٦. ۽ جيڪو شخص اسلام کان سواءِ ڪنهن (ٻئي) دين کي (اختيار ڪرڻ) چاهي تہ (اهو ياد رکي تہ) اهو انهيءَ کان هرگز قبول نہ ڪيو ويندو ۽ آخرت ۾ اهو نقصان برداشت ڪرڻ وارن مان هوندو.

كَيْفَ يَهْدِي اللّٰهُ قَوْمًا كَفَرُوْا بَعْدَ اِيْمَانِهِمْ وَشَهِدُوْٓا اَنَّ الرَّسُوْلَ حَقٌّ وَّجَآءَهُمُ الْبَيِّنٰتُ ۭ وَاللّٰهُ لَا يَهْدِي الْقَوْمَ الظّٰلِمِيْنَ ﴿۸۷﴾

٨٧. جيڪي ماڻهو ايمان آڻڻ کانپوءِ (وري) منڪر ٿي ويا هجن ۽ شاهدي ڏئي چڪا هجن تہ (هيءَ) رسول سچو آهي ۽ (پڻ) انهن وٽ دليل بہ اچي چڪا هجن انهن کي الله ڪهڙيءَ طرح هدايت تي آڻي ۽ الله (تہ) ظالم (ماڻهن) کي هدايت نہ ٿو ڏئي.

أُولَٰٓئِكَ جَزَآؤُهُمْ أَنَّ عَلَيْهِمْ لَعْنَةَ اللهِ وَالْمَلَٰٓئِكَةِ وَالنَّاسِ أَجْمَعِينَ ﴿٨٨﴾

٨٨. اهي ماڻهو اهڙا آهن جو انهن جي سزا اها آهي تہ انهن تي الله ۽ فرشتن (جي) ۽ ماڻهن (جي) سڀني جي ئي لعنت هجي.

خَٰلِدِينَ فِيهَا لَا يُخَفَّفُ عَنْهُمُ الْعَذَابُ وَلَا هُمْ يُنظَرُونَ ﴿٨٩﴾

٨٩. اهي انهيءَ (لعنت) هيٺ رهندا نہ (تہ) انهن (مٿان) عذاب هلڪو ڪيو ويندو ۽ نہ انهن کي ڍر ڏني ويندي.

إِلَّا الَّذِينَ تَابُوا مِن بَعْدِ ذَٰلِكَ وَأَصْلَحُوا فَإِنَّ اللهَ غَفُورٌ رَّحِيمٌ ﴿٩٠﴾

٩٠. سواءِ انهن ماڻهن جي جيڪي انهيءَ کانپوءِ توبهہ ڪن ۽ اصلاح ڪن ۽ الله يقينن ڏاڍو بخشڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي.

إِنَّ الَّذِينَ كَفَرُوا بَعْدَ إِيمَٰنِهِمْ ثُمَّ ازْدَادُوا كُفْرًا لَّن تُقْبَلَ تَوْبَتُهُمْ وَأُولَٰٓئِكَ هُمُ الضَّآلُّونَ ﴿٩١﴾

٩١. جيڪي ماڻهو ايمان آڻڻ بعد منڪر ٿي ويا هجن (۽) وري اهي ڪفر ۾ اڃا بہ وڌي ويا هجن انهن جي توبهہ هرگز قبول نہ ڪئي ويندي ۽ اهي ئي ماڻهو گمراهہ آهن.

إِنَّ الَّذِينَ كَفَرُوا وَمَاتُوا وَهُمْ كُفَّارٌ فَلَن يُقْبَلَ مِنْ أَحَدِهِم مِّلْءُ الْأَرْضِ ذَهَبًا وَلَوِ افْتَدَىٰ بِهِ أُولَٰٓئِكَ لَهُمْ عَذَابٌ أَلِيمٌ وَمَا لَهُم مِّن نَّٰصِرِينَ ﴿٩٢﴾ ع

٩٢. جيڪي ماڻهو منڪر ٿي ويا هجن ۽ ڪفر (ئي) جي حالت ۾ مري ويا هجن انهن مان ڪنهن کان زمين جيترو سون (بہ) جنهن کي اهي فديي جي طور پيش ڪن، هرگز قبول نہ ڪيو ويندو. انهن ماڻهن جي لاءِ دردناڪ عذاب (مقدر) آهي ۽ انهن جو ڪوبہ مددگار نہ هوندو.

لَن تَنَالُوا الْبِرَّ حَتَّىٰ تُنفِقُوا مِمَّا تُحِبُّونَ وَمَا تُنفِقُوا مِن شَيْءٍ فَإِنَّ اللهَ بِهِ عَلِيمٌ ﴿٩٣﴾

٩٣. توهان ڪامل نيڪيءَ کي هرگز حاصل ڪري نہ ٿا سگهو جيستائين پنهنجي پسنديده شين مان (خدا جي لاءِ) خرچ نہ ڪيو ۽ جيڪا بہ شي توهان خرچ ڪيو الله انهيءَ کي يقينن چڱيءَ طرح ڄاڻي ٿو.

كُلُّ الطَّعَامِ كَانَ حِلًّا لِّبَنِيٓ إِسْرَٰٓءِيلَ إِلَّا مَا حَرَّمَ إِسْرَٰٓءِيلُ عَلَىٰ نَفْسِهِ مِن قَبْلِ أَن تُنَزَّلَ التَّوْرَىٰةُ

٩٤. سمورو کاڌو سواءِ انهيءَ حصي جي جيڪو اسرائيل (يعني حضرت يعقوب) توريت جي نازل ٿيڻ کان پهرئين پنهنجي لاءِ

قُلْ فَأْتُوا بِالتَّوْرَاةِ فَاتْلُوهَا إِنْ كُنْتُمْ صَادِقِينَ ۝٩٣

مڪروهہ قرار ڏيئي ڇڏيو هو بني اسرائيل جي لاءِ حلال هو تون چؤ تہ جيڪڏهن سچا آهيو تہ توريت آڻيو ۽ انهيءَ کي پڙهو.

فَمَنِ افْتَرَىٰ عَلَى اللَّهِ الْكَذِبَ مِنْ بَعْدِ ذَٰلِكَ فَأُولَٰئِكَ هُمُ الظَّالِمُونَ ۝٩٤

ربع جبرئيل عليه السلام

٩٥- هاڻي جيڪي (ماڻهو) انهيءَ کان پوءِ (بہ) الله تي ڪوڙ ٻڌن تہ اهي ئي ماڻهو ظالم هوندا.

قُلْ صَدَقَ اللَّهُ ۗ فَاتَّبِعُوا مِلَّةَ إِبْرَاهِيمَ حَنِيفًا وَمَا كَانَ مِنَ الْمُشْرِكِينَ ۝٩٥

٩٦- تون چؤ تہ الله سچ چيو آهي - تنهنڪري توهان ابراهيم جي دين جي جيڪو (خدا ڏانهن) جهڪيل هو پيروي ڪيو, ۽ اهو مشرڪن مان نہ هو.

إِنَّ أَوَّلَ بَيْتٍ وُضِعَ لِلنَّاسِ لَلَّذِي بِبَكَّةَ مُبَارَكًا وَهُدًى لِلْعَالَمِينَ ۝٩٦

٩٧- سڀ کان پهريون گهر جيڪو سڀني ماڻهن جي (فائدي جي) لاءِ بڻايو ويو هو اهو آهي جيڪو مڪي ۾ آهي اهو سڀني جهانن جي لاءِ برڪت وارو (مقام) ۽ هدايت جو (سبب) آهي.

فِيهِ آيَاتٌ بَيِّنَاتٌ مَقَامُ إِبْرَاهِيمَ ۖ وَمَنْ دَخَلَهُ كَانَ آمِنًا ۗ وَلِلَّهِ عَلَى النَّاسِ حِجُّ الْبَيْتِ مَنِ اسْتَطَاعَ إِلَيْهِ سَبِيلًا ۚ وَمَنْ كَفَرَ فَإِنَّ اللَّهَ غَنِيٌّ عَنِ الْعَالَمِينَ ۝٩٧

٩٨- انهيءَ ۾ ڪيترائي روشن نشان آهن (اهو) ابراهيم جو قيام گاهہ آهي ۽ جيڪو انهيءَ ۾ داخل ٿئي اهو امن ۾ اچي وڃي ٿو. ۽ الله ماڻهن تي فرض ڪيو آهي تہ اهي انهيءَ گهر جو حج ڪن (يعني) جيڪو (بہ) انهيءَ تائين وڃڻ جي توفيق حاصل ڪري ۽ جيڪو انڪار ڪري تہ (اهو ياد رکي تہ) الله سڀني جهانن کان بي پرواهہ آهي.

قُلْ يَا أَهْلَ الْكِتَابِ لِمَ تَكْفُرُونَ بِآيَاتِ اللَّهِ وَاللَّهُ شَهِيدٌ عَلَىٰ مَا تَعْمَلُونَ ۝٩٨

٩٩- تون چؤ (تہ) اي اهل ڪتاب! توهان الله جي آيتن جو چو انڪار ڪيو ٿا. حالانڪ الله توهان جي عملن تي نگران آهي.

قُلْ يَا أَهْلَ الْكِتَابِ لِمَ تَصُدُّونَ عَنْ سَبِيلِ اللَّهِ مَنْ آمَنَ تَبْغُونَهَا عِوَجًا وَأَنْتُمْ شُهَدَاءُ ۗ وَمَا اللَّهُ

١٠٠- (پڻ تون) چؤ (تہ) اي اهل ڪتاب! جيڪو ايمان آڻي ٿو انهيءَ کي چو توهان الله جي رستي کان روڪيو ٿا. توهان انهيءَ

تہ توهان هدايت حاصل ڪيو.

وَلْتَكُنْ مِّنْكُمْ أُمَّةٌ يَّدْعُوْنَ إِلَى الْخَيْرِ وَيَأْمُرُوْنَ بِالْمَعْرُوْفِ وَيَنْهَوْنَ عَنِ الْمُنْكَرِ ۗ وَأُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ ﴿١٠٥﴾

١٠٥- ۽ توهان مان هڪ اهڙي جماعت هئڻ گهرجي. جنهن جو ڪم صرف اهو هجي جو اها (ماڻهن کي) نيڪيءَ ڏانهن سڏي ۽ نيڪ ڳالهين جي تعليم ڏئي ۽ بديءَ کان روڪي ۽ اهي ئي ماڻهو ڪامياب ٿيڻ وارا آهن.

وَلَا تَكُوْنُوْا كَالَّذِيْنَ تَفَرَّقُوْا وَاخْتَلَفُوْا مِنْ بَعْدِ مَا جَآءَهُمُ الْبَيِّنٰتُ ۗ وَأُولٰٓئِكَ لَهُمْ عَذَابٌ عَظِيْمٌ ﴿١٠٦﴾

١٠٦- ۽ توهان انهن ماڻهن وانگر نہ بڻجو جيڪي ظاهر ظهور نشانن اچي وڃڻ کان پوءِ جڙو جڙ ٿي ويا ۽ انهن (پاڻ ۾) اختلاف پيدا ڪري ڇڏيو ۽ انهن ئي ماڻهن جي لاءِ (انهي ڏينهن) وڏو عذاب (مقدر) آهي.

يَّوْمَ تَبْيَضُّ وُجُوْهٌ وَّتَسْوَدُّ وُجُوْهٌ ۚ فَأَمَّا الَّذِيْنَ اسْوَدَّتْ وُجُوْهُهُمْ ۚ أَكَفَرْتُمْ بَعْدَ إِيْمَانِكُمْ فَذُوْقُوا الْعَذَابَ بِمَا كُنْتُمْ تَكْفُرُوْنَ ﴿١٠٧﴾

١٠٧- جنهن ڏينهن جو ڪي چهرا سفيد هوندا ۽ ڪي چهرا ڪارا هوندا ۽ جن ماڻهن جا چهرا ڪارا ٿي ويندا (انهنکي چيو ويندو تہ) ڇا (اهو سچ نہ آهي تہ) توهان پنهنجي ايمان آڻڻ کان پوءِ ڪافر ٿي ويا هئا. تنهن ڪري پنهنجي ڪافر ٿي وڃڻ جي سببان هن عذاب کي چکو.

وَأَمَّا الَّذِيْنَ ابْيَضَّتْ وُجُوْهُهُمْ فَفِيْ رَحْمَةِ اللّٰهِ ۗ هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿١٠٨﴾

١٠٨- ۽ جن ماڻهن جا چهرا سفيد ٿي ويندا اهي الله جي رحمت ۾ هوندا اهي انهيءَ ۾ هميشه رهندا ايندا.

تِلْكَ اٰيٰتُ اللّٰهِ نَتْلُوْهَا عَلَيْكَ بِالْحَقِّ ۗ وَمَا اللّٰهُ يُرِيْدُ ظُلْمًا لِّلْعٰلَمِيْنَ ﴿١٠٩﴾

١٠٩- هي الله جون آيتون آهن جيڪي حق تي مشتمل آهن (۽) جيڪي اسان توکي پڙهي ٻڌايون ٿا ۽ الله سيني جهانن تي ڪنهن بہ قسم جو ظلم ڪرڻ نہ ٿو چاهي.

وَلِلّٰهِ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْأَرْضِ ۗ وَإِلَى اللّٰهِ تُرْجَعُ الْأُمُوْرُ ﴿١١٠﴾ ع

١١٠- ۽ جيڪي ڪجهہ آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي ڪجهہ زمين ۾ آهي (سڀ) الله جو ئي آهي ۽ الله ڏانهن ئي سيني ڪمن کي موٽايو ويندو.

كُنْتُمْ خَيْرَ اُمَّةٍ اُخْرِجَتْ لِلنَّاسِ تَاْمُرُوْنَ بِالْمَعْرُوْفِ
وَتَنْهَوْنَ عَنِ الْمُنْكَرِ وَتُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ وَلَوْ اٰمَنَ
اَهْلُ الْكِتٰبِ لَكَانَ خَيْرًا لَّهُمْ مِنْهُمُ الْمُؤْمِنُوْنَ وَ
اَكْثَرُهُمُ الْفٰسِقُوْنَ ﴿١١١﴾

١١١۔ توهان (سڀني کان) بهتر جماعت آهيو جنهن کي ماڻهن جي(فائدي جي) لاءِ پيدا ڪيو ويو آهي. توهان نيڪيءَ جي هدايت ڪيو ٿا ۽ بديءَ کان روڪيو ٿا ۽ الله تي ايمان رکو ٿا ۽ جيڪڏهن اهل ڪتاب به ايمان آڻين ها تہ انهن لاءِ بهتر ٿئي ها. انهن مان ڪي مومن بہ آهن ۽ اڪثر انهن مان نافرمان آهن.

لَنْ يَّضُرُّوْكُمْ اِلَّآ اَذًى ۗ وَاِنْ يُّقَاتِلُوْكُمْ يُوَلُّوْكُمُ
الْاَدْبَارَ ۗ ثُمَّ لَا يُنْصَرُوْنَ ﴿١١٢﴾

١١٢۔ اهي (ماڻهو) معمولي ايذاءَ پهچائڻ کان سواءِ توهان کي ڪوبہ نقصان نہ ٿا پهچائي سگهن ۽ جيڪڏهن اهي توهان سان جنگ ڪندا تہ توهان ڏانهن پٺي ڦيرائي ڀڄي ويندا. پوءِ انهن کي ڪنهن طرف کان بہ مدد ملي نہ سگهندي.

ضُرِبَتْ عَلَيْهِمُ الذِّلَّةُ اَيْنَ مَا ثُقِفُوْٓا اِلَّا بِحَبْلٍ مِّنَ اللّٰهِ
وَحَبْلٍ مِّنَ النَّاسِ وَبَآءُوْ بِغَضَبٍ مِّنَ اللّٰهِ وَضُرِبَتْ
عَلَيْهِمُ الْمَسْكَنَةُ ۗ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ كَانُوْا يَكْفُرُوْنَ بِاٰيٰتِ اللّٰهِ وَيَقْتُلُوْنَ
الْاَنْۢبِيَآءَ بِغَيْرِ حَقٍّ ۗ ذٰلِكَ بِمَا عَصَوْا وَّكَانُوْا يَعْتَدُوْنَ ﴿١١٣﴾

١١٣۔ ڪٿي بہ ڪٿي اهي هجن انهن تي ذلت نازل ڪئي وئي آهي سواءِ انهن جي جيڪي الله جي ڪنهن واعدي (جي) يا ماڻهن جي ڪنهن واعدي جي پناهہ ۾ اچي وڃن (انهيءَ ذلت کان بچي نہ ٿا سگهن) ۽ اهي الله جي غضب جا مورد بڻجي ويا آهن ۽ بيوسيءَ (جي حالت) انهن سان لازم ڪئي وئي آهي اهو انهيءَ سبب کان (ڪيو ويو) آهي جو اهي الله جي آيتن جو انڪار ڪندا هئا ۽ سواءِ ڪنهن سبب جي نبين کي قتل ڪرڻ چاهيندا هئا (۽) اها ڳالهہ انهن جي نافرماني ڪرڻ ۽ حد کان وڌي وڃڻ جي سببان (انهن ۾) هئي.

لَيْسُوْا سَوَآءً ۗ مِنْ اَهْلِ الْكِتٰبِ اُمَّةٌ قَآئِمَةٌ يَّتْلُوْنَ
اٰيٰتِ اللّٰهِ اٰنَآءَ الَّيْلِ وَهُمْ يَسْجُدُوْنَ ﴿١١٤﴾

١١٤۔ اهي سڀئي ماڻهو برابر نہ آهن. اهل ڪتاب وارن مان (ٿي) هڪ اهڙي جماعت بہ آهي جيڪا (پنهنجي واعدي تي) قائم آهي

اهي رات جي وقتن ۾ الله جي آيتن کي پڙهن ٿا ۽ سجدا (بہ) ڪن ٿا.

يُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ وَيَأْمُرُوْنَ بِالْمَعْرُوْفِ
وَيَنْهَوْنَ عَنِ الْمُنْكَرِ وَيُسَارِعُوْنَ فِي الْخَيْرٰتِ ؕ
وَاُولٰٓئِكَ مِنَ الصّٰلِحِيْنَ ﴿۱۱۴﴾

۱۱۵- اهي الله (تي) ۽ اچڻ واري ڏينهن تي ايمان رکن ٿا ۽ نيڪيءَ جي هدايت ڪن ٿا ۽ بديءَ کان روڪين ٿا ۽ نيڪ ڪمن ۾ هڪ ٻئي کان اڳتي وڌن ٿا ۽ اهي ماڻهو نيڪن مان آهن.

وَمَا يَفْعَلُوْا مِنْ خَيْرٍ فَلَنْ يُّكْفَرُوْهُ ؕ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌۢ
بِالْمُتَّقِيْنَ ﴿۱۱۵﴾

۱۱۶- ۽ جيڪا بہ نيڪي اهي ڪن انهيءَ جي بي قدري نہ ڪئي ويندي ۽ الله متقين کي چڱيءَ طرح سڃاڻي ٿو.

اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَنْ تُغْنِيَ عَنْهُمْ اَمْوَالُهُمْ وَلَآ
اَوْلَادُهُمْ مِّنَ اللّٰهِ شَيْئًا ؕ وَاُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ النَّارِ ۚ
هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿۱۱۶﴾

۱۱۷- جيڪي ماڻهو ڪافر آهن انهن کي نہ انهن جا مال ۽ نہ انهن جو اولاد الله جي عذاب کان بچائيندا ۽ اهي (ماڻهو) باهہ (۾ پوڻ) وارا آهن. انهن ۾ هميشه رهندا ايندا.

مَثَلُ مَا يُنْفِقُوْنَ فِيْ هٰذِهِ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا كَمَثَلِ
رِيْحٍ فِيْهَا صِرٌّ اَصَابَتْ حَرْثَ قَوْمٍ ظَلَمُوْٓا اَنْفُسَهُمْ
فَاَهْلَكَتْهُ ؕ وَمَا ظَلَمَهُمُ اللّٰهُ وَلٰكِنْ اَنْفُسَهُمْ
يَظْلِمُوْنَ ﴿۱۱۷﴾

۱۱۸- جيڪي ڪي اهي (ماڻهو) انهيءَ ويجهڙائي جي زندگي جي متعلق خرچ ڪن ٿا انهيءَ جي حالت انهيءَ هوا جي حالت وانگر آهي جنهن ۾ سخت سردي هجي (۽) اها اهڙي قوم جي پوک تي لڳي جنهن پنهنجي پاڻ تي ظلم ڪيو (۽) پوءِ اها انهيءَ کي تباهہ ڪري ڇڏي ۽ الله انهن (ماڻهن) تي ظلم نہ ڪيو. ها! اهي پنهنجي جانين تي خودئي ظلم ڪري رهيا آهن.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَتَّخِذُوْا بِطَانَةً مِّنْ دُوْنِكُمْ
لَا يَأْلُوْنَكُمْ خَبَالًا ؕ وَدُّوْا مَا عَنِتُّمْ ۚ قَدْ بَدَتِ
الْبَغْضَآءُ مِنْ اَفْوَاهِهِمْ ۖۚ وَمَا تُخْفِيْ صُدُوْرُهُمْ
اَكْبَرُ ؕ قَدْ بَيَّنَّا لَكُمُ الْاٰيٰتِ اِنْ كُنْتُمْ
تَعْقِلُوْنَ ﴿۱۱۸﴾

۱۱۹- اي ايماندارو! پنهنجن ماڻهن کي ڇڏي (ٻين کي) رازدار دوست نہ بڻايو اهي توهان سان بدسلوڪي ڪرڻ ۾ ڪاهہ ڪمي نہ ٿا ڪن (۽) توهان کي ڏک ۾ پوڻ پسند ڪن ٿا. (انهن جي) دشمني انهن جي منهن مان ظاهر ٿي چڪي آهي ۽ جيڪي ڪجهہ انهن جي سيني ۾ ڳجهو آهي سو (انهيءَ کان بہ)

وڌو آهي جيڪڏهن توهان عقل کان ڪم وٺڻ وارا آهيو تہ اسان توهان جي لاءِ پنهنجي آيتن کي کولي بيان ڪري ڇڏيو آهي.

هٰٓاَنْتُمْ اُولَآءِ تُحِبُّوْنَهُمْ وَلَا يُحِبُّوْنَكُمْ وَتُؤْمِنُوْنَ بِالْكِتٰبِ كُلِّهٖ ۚ وَاِذَا لَقُوْكُمْ قَالُوْٓا اٰمَنَّا ۚ وَاِذَا خَلَوْا عَضُّوْا عَلَيْكُمُ الْاَنَامِلَ مِنَ الْغَيْظِ ؕ قُلْ مُوْتُوْا بِغَيْظِكُمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَلِيْمٌۢ بِذَاتِ الصُّدُوْرِ ﴿۱۱۹﴾

١٢٠. ٻڌو! توهان اهي ماڻهو آهيو جيڪي انهن سان محبت رکو ٿا حالانڪ اهي توهان سان محبت نہ ٿا رکن ۽ توهان (سڀني) ڪتابن تي ايمان آڻيون ٿا جڏهن اهي توهان سان ملن.تہ چون ٿا تہ اسان (بہ) ايمان رکون ٿا ۽ جڏهن اهي جدا ٿين ٿا تہ توهان جي خلاف ڪاوڙ ۾ آڱرين کي چڪ هڻن ٿا. تون (انهن کي) چؤ توهان پنهنجي ڪاوڙ (جي سبب) کان مري وڃو الله يقينن سيني جي رازن کي بہ ڄاڻي ٿو.

اِنْ تَمْسَسْكُمْ حَسَنَةٌ تَسُؤْهُمْ ۫ وَاِنْ تُصِبْكُمْ سَيِّئَةٌ يَّفْرَحُوْا بِهَا ؕ وَاِنْ تَصْبِرُوْا وَتَتَّقُوْا لَا يَضُرُّكُمْ كَيْدُهُمْ شَيْـًٔا ؕ اِنَّ اللّٰهَ بِمَا يَعْمَلُوْنَ مُحِيْطٌ ﴿۱۲۰﴾ ع

ع ۱۲

١٢١. جيڪڏهن توهان کي ڪا ڪاميابي حاصل ٿئي تہ انهن کي ڏکي لڳي ٿي. ۽ جيڪڏهن توهان کي ڪا تڪليف پهچي تہ اهي انهيءَ مان خوش ٿين ٿا. جيڪڏهن توهان صبر ڪندؤ ۽ تقويٰ اختيار ڪندو تہ انهنجي (مخالفانہ) چال توهان کي ڪجهہ (بہ) نقصان نہ پهچائيندي ۽ جيڪي ڪجهہ اهي ڪن ٿا الله يقينن انهنکي نڪرا نڪرا ڪرڻ وارو آهي.

وَاِذْ غَدَوْتَ مِنْ اَهْلِكَ تُبَوِّئُ الْمُؤْمِنِيْنَ مَقَاعِدَ لِلْقِتَالِ ؕ وَاللّٰهُ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ﴿۱۲۱﴾

١٢٢. ۽ (انهيءَ وقت کي ياد ڪر) جڏهن تون پنهنجي ڪٽنب کان صبح سوير نڪري انهيءَ لاءِ ويو هئين تہ مومنن کي جنگ لاءِ مقرر ڪيل انهنجي هنڌن تي ويهارين ۽ الله (تنهنجون دعائون) ڏاڍيون ٻڌڻ وارو (۽ توهان ماڻهن جي حالتن کي) ڏاڍو ڄاڻڻ وارو آهي.

اِذْ هَمَّتْ طَّآئِفَتٰنِ مِنْكُمْ اَنْ تَفْشَلَا ۙ وَاللّٰهُ وَلِيُّهُمَا

١٢٣. (پوءِ انهيءَ وقت کي بہ ياد ڪر) جڏهن (انهن حالتن کي ڏسي) توهان مان بہ

وَعَلَى اللّٰهِ فَلْيَتَوَكَّلِ الْمُؤْمِنُوْنَ ﴿١٢٢﴾

گروهہ بزدلي ڏيکارڻ تي تيار ٿي ويا هئا حالانڪ الله انهن جو دوست هو ۽ مومن کي تہ الله تي ئي ڀروسو رکڻ گهرجي.

وَلَقَدْ نَصَرَكُمُ اللّٰهُ بِبَدْرٍ وَّاَنْتُمْ اَذِلَّةٌ ۚ فَاتَّقُوا اللّٰهَ لَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ ﴿١٢٣﴾

١٢٣- ۽ (انهيءَ کي ڀهرئين) بدر (جي جنگ) ۾ جڏهن توهان حقير هئا تہ الله يقينن توهان کي مدد ڏني ڇڪو آهي سو توهان الله جي تقويٰ اختيار ڪيو انهيءَ لاءِ تہ توهان شڪر گذار بڻجو.

اِذْ تَقُوْلُ لِلْمُؤْمِنِيْنَ اَلَنْ يَّكْفِيَكُمْ اَنْ يُّمِدَّكُمْ رَبُّكُمْ بِثَلٰثَةِ اٰلٰفٍ مِّنَ الْمَلٰٓئِكَةِ مُنْزَلِيْنَ ﴿١٢٤﴾

١٢٥- (انهيءَ وقت کي بہ ياد ڪر) جڏهن تون مومنن کي چئي رهيو هئين ڇا توهانجي لاءِ هي (ڳالهہ) ڪافي نہ ٿيندي جو توهان جو رب (آسمان مان) نازل ڪيل ٽن هزار فرشتن جي ذريعي توهان جي مدد ڪري.

بَلٰٓى ۙ اِنْ تَصْبِرُوْا وَتَتَّقُوْا وَيَاْتُوْكُمْ مِّنْ فَوْرِهِمْ هٰذَا يُمْدِدْكُمْ رَبُّكُمْ بِخَمْسَةِ اٰلٰفٍ مِّنَ الْمَلٰٓئِكَةِ مُسَوِّمِيْنَ ﴿١٢٥﴾

١٢٦- جو (ڪافي) نہ ٿيندي! جيڪڏهن توهان صبر ڪيو ۽ تقويٰ اختيار ڪيو ۽ اهي (ڪافر) توهان تي انهيءَ گهڙي چڙهي اچن تہ توهان جو رب پنجن هزار سخت حملي ڪندڙ فرشتن جي ذريعي توهانجي مدد ڪندو.

وَمَا جَعَلَهُ اللّٰهُ اِلَّا بُشْرٰى لَكُمْ وَلِتَطْمَىِٕنَّ قُلُوْبُكُمْ بِهٖ ۗ وَمَا النَّصْرُ اِلَّا مِنْ عِنْدِ اللّٰهِ الْعَزِيْزِ الْحَكِيْمِ ﴿١٢٦﴾ ۙ

١٢٧- ۽ الله هي (ڳالهہ) صرف توهانجي لاءِ خوش خبري طور ۽ انهيءَ جي لاءِ تہ توهان جون دليون انهيءَ جي ذريعي اطمينان حاصل ڪن مقرر ڪئي آهي (۽) انهيءَ لاءِ (مقرر ڪئي آهي) تہ اهو

لِيَقْطَعَ طَرَفًا مِّنَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا اَوْ يَكْبِتَهُمْ فَيَنْقَلِبُوْا خَآئِبِيْنَ ﴿١٢٧﴾

١٢٨- (الله) ڪافرن جي هڪ حصي کي ڪاٽي يا انهن کي ذليل ڪري ڇڏي انهيءَ لاءِ تہ اهي ناڪام واپس هليا وڃن نہ تہ مدد تہ (صرف) الله ئي جي طرفان (ايندي) آهي جيڪو غالب (۽) حڪمت وارو آهي.

لَيْسَ لَكَ مِنَ الْاَمْرِ شَيْءٌ اَوْ يَتُوْبَ عَلَيْهِمْ اَوْ يُعَذِّبَهُمْ

١٢٩- تنهنجو انهيءَ معاملي ۾ ڪو (دخل)

فَإِنَّهُمْ ظٰلِمُوْنَ ﴿١٢٩﴾

ڪونهي (اهو سڀ معاملو خدا جي هٿ ۾ آهي) گهري تہ انهن تي فضل ڪري ۽ گهري تہ انهن کي عذاب ڏئي ڇڏي (۽ اهي عذاب جا ئي مستحق آهن) ڇو جو اهي ظالم آهن.

وَ لِلّٰهِ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَ مَا فِي الْاَرْضِ يَغْفِرُ لِمَنْ يَّشَآءُ وَ يُعَذِّبُ مَنْ يَّشَآءُ وَ اللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿١٣٠﴾ ع

١٣٠. ۽ جيڪي ڪي آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي ڪي زمين ۾ آهي (سڀ) الله جو ئي آهي اهو جنهنکي چاهيندو بخشي ڇڏي ٿو ۽ جنهن کي چاهيندو عذاب ڏيئي ٿو ۽ الله ڏاڍو بخشڻ وارو ۽ بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَاْكُلُوا الرِّبٰوٓا اَضْعَافًا مُّضٰعَفَةً وَّ اتَّقُوا اللّٰهَ لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ ﴿١٣١﴾

١٣١. اي ايماندارو! توهان (پنهنجي مال تي) وياج جيڪو (مال کي) ٻي انتها وڌائي ٿو نہ کائو ۽ الله جي تقويٰ اختيار ڪيو انهيءَ لاءِ تہ توهان ڪامياب ٿي وڃو.

وَ اتَّقُوا النَّارَ الَّتِيْٓ اُعِدَّتْ لِلْكٰفِرِيْنَ ﴿١٣٢﴾

١٣٢. ۽ انهيءَ باهہ کان بہ ڊڄو جيڪا منڪرن لاءِ تيار ڪئي وئي آهي.

وَ اَطِيْعُوا اللّٰهَ وَ الرَّسُوْلَ لَعَلَّكُمْ تُرْحَمُوْنَ ﴿١٣٣﴾

١٣٣. ۽ الله (جي) ۽ انهيءَ جي رسول جي اطاعت ڪيو انهيءَ لاءِ تہ توهان تي رحم ڪيو وڃي.

وَ سَارِعُوْٓا اِلٰى مَغْفِرَةٍ مِّنْ رَّبِّكُمْ وَ جَنَّةٍ عَرْضُهَا السَّمٰوٰتُ وَ الْاَرْضُ اُعِدَّتْ لِلْمُتَّقِيْنَ ﴿١٣٤﴾

١٣٤. ۽ پنهنجي رب جي طرفان نازل ٿيڻ واري بخشش (ڏانهن) ۽ انهي جنت ڏانهن جنهن جي قيمت آسمان ۽ زمين آهن ۽ جيڪا متقين جي لاءِ تيار ڪئي وئي آهي وڌو.

الَّذِيْنَ يُنْفِقُوْنَ فِي السَّرَّآءِ وَ الضَّرَّآءِ وَ الْكٰظِمِيْنَ الْغَيْظَ وَ الْعَافِيْنَ عَنِ النَّاسِ وَ اللّٰهُ يُحِبُّ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿١٣٥﴾

١٣٥. جيڪي (متقي) خوشحاليءَ (۾ بہ) ۽ تنگدستيءَ ۾ (بہ) (خدا جي واٽ ۾) خرچ ڪن ٿا ۽ غصي کي دٻائڻ وارا ۽ ماڻهن کي معاف ڪرڻ وارا آهن الله احسان ڪرڻ وارن سان محبت ڪري ٿو.

وَ الَّذِيْنَ اِذَا فَعَلُوْا فَاحِشَةً اَوْ ظَلَمُوْٓا اَنْفُسَهُمْ ذَكَرُوا اللّٰهَ فَاسْتَغْفَرُوْا

١٣٦. ها (انهن ماڻهن جي لاءِ) جيڪي ڪنهن ٻري ڪم ڪرڻ جي صورت ۾ يا

آندو آهي ۽ توهان مان (ڪن کي) شهيد بنائي ۽ الله ظالمن کي پسند نہ ٿو ڪري.

وَلِيُمَحِّصَ اللّٰهُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَيَمْحَقَ الْكٰفِرِيْنَ ﴿۱۴۲﴾

۱۴۲. ۽ انهيءَ لاءِ تہ جيڪي مومن آهن انهن کي الله پاڪ ۽ صاف ڪري ڇڏي ۽ ڪافرن کي تباهہ ڪري ڇڏي!

اَمْ حَسِبْتُمْ اَنْ تَدْخُلُوا الْجَنَّةَ وَلَمَّا يَعْلَمِ اللّٰهُ الَّذِيْنَ جٰهَدُوْا مِنْكُمْ وَيَعْلَمَ الصّٰبِرِيْنَ ﴿۱۴۳﴾

۱۴۳. ڇا توهان (اهو) سمجهي ورتو آهي تہ توهان جنت ۾ داخل ٿي ويندؤ، حالانڪ اڃا الله توهان مان انهن ماڻهن کي جيڪي مجاهد آهن ظاهر نہ ڪيو آهي ۽ نہ انهن کي جيڪي صابر آهن اڃا تائين انهيءَ ظاهر ڪيو آهي.

وَلَقَدْ كُنْتُمْ تَمَنَّوْنَ الْمَوْتَ مِنْ قَبْلِ اَنْ تَلْقَوْهُ ۠ فَقَدْ رَاَيْتُمُوْهُ وَاَنْتُمْ تَنْظُرُوْنَ ﴿۱۴۴﴾ ع ۱۴ ۵

۱۴۴. ۽ توهان (ماڻهو تہ) انهيءَ موت جي خواهش انهيءَ جي وقت کان بہ پهريائين ڪندا هئا. سو (هاڻي) توهان انهيءَ کي انهيءَ حالت ۾ ڏسي ورتو آهي تہ انهيءَ جو سڀ حسن ۽ ڪوجهائي توهان تي ظاهر ٿي ويو آهي (پوءِ هاڻي ڪي جو ٿا پڇن؟).

وَمَا مُحَمَّدٌ اِلَّا رَسُوْلٌ ۚ قَدْ خَلَتْ مِنْ قَبْلِهِ الرُّسُلُ ۭ اَفَا۟ئِنْ مَّاتَ اَوْ قُتِلَ انْقَلَبْتُمْ عَلٰٓى اَعْقَابِكُمْ ۭ وَمَنْ يَّنْقَلِبْ عَلٰي عَقِبَيْهِ فَلَنْ يَّضُرَّ اللّٰهَ شَيْـــًٔا ۭ وَسَيَجْزِي اللّٰهُ الشّٰكِرِيْنَ ﴿۱۴۵﴾

۱۴۵. ۽ محمد صرف هڪ رسول آهي. انهيءَ کان پهرئين سڀئي رسول فوت ٿي چڪا آهن. پوءِ جي ڪڏهين اهو وفات ڪري وڃي يا قتل ڪيو وڃي تہ ڇا توهان پوئتي هٽي ويندا ۽ جيڪو شخص پوئتي هٽي وڃي اهو الله جو هرگز ڪجهہ نقصان نٿو ڪري سگهي ۽ الله شڪر گذارن کي ضرور بدلو ڏيندو.

وَمَا كَانَ لِنَفْسٍ اَنْ تَمُوْتَ اِلَّا بِاِذْنِ اللّٰهِ كِتٰبًا مُّؤَجَّلًا ۭ وَمَنْ يُّرِدْ ثَوَابَ الدُّنْيَا نُؤْتِهٖ مِنْھَا ۚ وَمَنْ يُّرِدْ ثَوَابَ الْاٰخِرَةِ نُؤْتِهٖ مِنْھَا ۭ وَسَنَجْزِي الشّٰكِرِيْنَ ﴿۱۴۶﴾

۱۴۶. ۽ الله جي حڪم کانسواءِ ڪوبہ نفس نٿو مري سگهي (ڇو جو الله) هڪ مقرر ميعاد وارو فيصلو (ڪري ڇڏيو آهي) ۽ جيڪو شخص دنيا جي بدلي جو طالب آهي اسان انهيءَ کي انهيءَ مان ڏينداسون ۽

جيڪو شخص آخرت جو بدلو چاهي ٿو. اسان انهيءَ کي انهيءَ مان ڏينداسين ۽ شڪر گذارن کي ضرور بدلو ڏينداسين.

وَكَاَيِّنْ مِّنْ نَّبِيٍّ قٰتَلَ مَعَهٗ رِبِّيُّوْنَ كَثِيْرٌ فَمَا
وَهَنُوْا لِمَآ اَصَابَهُمْ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَمَا ضَعُفُوْا
وَمَا اسْتَكَانُوْا وَاللّٰهُ يُحِبُّ الصّٰبِرِيْنَ ﴿١٤٦﴾

١٤٧۔ ۽ ڪيترا نبي اهڙا (گذريا) آهن جن سان گڏجي (انهنجي) جماعت جي ڪيترن ماڻهن جنگ ڪئي پوءِ نه (ته) اهي انهيءَ (تڪليف) جي سببان جيڪا انهنکي الله جي واٽ ۾ پهتي هئي سست ٿي ويا ۽ نه ڪمزوري ڏيکاريائون ۽ نه انهن (دشمنن جي اڳيان) ذلت اختيار ڪئي ۽ الله صبر ڪرڻ وارن سان محبت ڪري ٿو.

وَمَا كَانَ قَوْلَهُمْ اِلَّآ اَنْ قَالُوْا رَبَّنَا اغْفِرْ لَنَا ذُنُوْبَنَا
وَاِسْرَافَنَا فِيْٓ اَمْرِنَا وَثَبِّتْ اَقْدَامَنَا وَانْصُرْنَا عَلَى
الْقَوْمِ الْكٰفِرِيْنَ ﴿١٤٧﴾

١٤٨۔ ۽ سواءِ انهيءَ ڳالهه جي انهن ڪجهه (به) نه چيو ته (اي) اسانجا رب! اسانجا قصور (يعني ڪوتاهيون) ۽ اسانجن عملن ۾ اسان جون زيادتيون اسانکي معاف ڪر ۽ اسانجن قدمن کي مضبوط ڪر ۽ ڪافر ماڻهن جي خلاف اسانجي مدد ڪر.

فَاٰتٰىهُمُ اللّٰهُ ثَوَابَ الدُّنْيَا وَحُسْنَ ثَوَابِ الْاٰخِرَةِ
وَاللّٰهُ يُحِبُّ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿١٤٨﴾ ع

١٤٩۔ انهيءَ تي الله انهنکي دنيا جو بدلو (به) ۽ آخرت جو بهترين بدلو (به) ڏنو ۽ الله محسنن سان محبت ڪريٿو.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِنْ تُطِيْعُوا الَّذِيْنَ كَفَرُوْا
يَرُدُّوْكُمْ عَلٰٓى اَعْقَابِكُمْ فَتَنْقَلِبُوْا خٰسِرِيْنَ ﴿١٤٩﴾
بَلِ اللّٰهُ مَوْلٰىكُمْ وَهُوَ خَيْرُ النّٰصِرِيْنَ ﴿١٥٠﴾

١٥٠۔ ١٥١۔ اي ايمان وارو! جيڪڏهين توهان انهن ماڻهن جي فرمانبرداري ڪندو جيڪي ڪافر آهن ته اهي توهانکي توهانجي ڪڙين ڀر پوئتي موٽائي ڇڏيندا.

جنهن جي سببان توهان نقصان حاصل ڪرڻ وارن مان ٿي پوندؤ. (توهان نقصان حاصل ڪرڻ وارا نه آهيو) پر الله توهانجو مددگار آهي ۽ هو سڀني مدد ڪرڻ وارن کان بهتر آهي.

سَنُلْقِيْ فِيْ قُلُوْبِ الَّذِيْنَ كَفَرُوا الرُّعْبَ بِمَآ اَشْرَكُوْا

١٥٢۔ جيڪي ماڻهو منڪر آهن اسان انهن

بِاللّٰهِ مَا لَمْ يُنَزِّلْ بِهٖ سُلْطٰنًا ۚ وَمَاْوٰىهُمُ النَّارُ ؕ وَ بِئْسَ مَثْوَى الظّٰلِمِيْنَ ﴿۱۵۱﴾

جي دلين ۾ انهيءَ سبب کان جو انهن انهيءَ شيءِ کي الله جو شريڪ قرار ڏنو آهي. جنهنجو انهيءَ ڪوبہ دليل نہ لاٿو آهي يقينن رعب وجهي ڇڏينداسين ۽ انهن جو ٺڪاڻو باهہ آهي ۽ ظالمن جو ٺڪاڻو ڪهڙو نہ برو آهي.

وَلَقَدْ صَدَقَكُمُ اللّٰهُ وَعْدَهٗۤ اِذْ تَحُسُّوْنَهُمْ بِاِذْنِهٖ ۚ حَتّٰۤى اِذَا فَشِلْتُمْ وَتَنَازَعْتُمْ فِى الْاَمْرِ وَعَصَيْتُمْ مِّنْۢ بَعْدِ مَاۤ اَرٰىكُمْ مَّا تُحِبُّوْنَ ؕ مِنْكُمْ مَّنْ يُّرِيْدُ الدُّنْيَا وَمِنْكُمْ مَّنْ يُّرِيْدُ الْاٰخِرَةَ ۚ ثُمَّ صَرَفَكُمْ عَنْهُمْ لِيَبْتَلِيَكُمْ ۚ وَلَقَدْ عَفَا عَنْكُمْ ؕ وَاللّٰهُ ذُوْ فَضْلٍ عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿۱۵۲﴾

١٥٣- ۽ الله (انهيءَ وقت) جڏهين توهان انهن کي انهيءَ جي حڪم سان ماري ماري فنا ڪري رهيا هئا, توهان سان پنهنجو وعدو يقينن پورو ڪري ڇڏيو. ايستائين جو جڏهين توهان سستي ڪئي ۽ (رسول جي) حڪم جي متعلق هڪ ٻئي سان جهڳڙو ڪيو ۽ انهيءَ کانپوءِ جيڪي بہ توهان پسند ڪندا هئا انهيءَ توهان کي ڏيکاري ڇڏيو هو. نافرماني ڪئي (تہ انهيءَ پنهنجي مدد روڪي ڇڏي) ڪي توهان مان دنيا جا طالب هئا ۽ ڪي آخرت جا طالب هئا پوءِ انهيءَ توهان کي توهانجي آزمائش ڪرڻ جي لاءِ انهن (يعني دشمنن) جي حملي کان بچائي ورتو ۽ انهيءَ توهانکي يقينن معاف ڪري ڇڏيو آهي ۽ الله مومنن تي وڏو فضل ڪرڻ وارو آهي.

اِذْ تُصْعِدُوْنَ وَلَا تَلْوٗنَ عَلٰۤى اَحَدٍ وَّالرَّسُوْلُ يَدْعُوْكُمْ فِيْۤ اُخْرٰىكُمْ فَاَثَابَكُمْ غَمًّا بِغَمٍّ لِّكَيْلَا تَحْزَنُوْا عَلٰى مَا فَاتَكُمْ وَلَا مَاۤ اَصَابَكُمْ ؕ وَاللّٰهُ خَبِيْرٌۢ بِمَا تَعْمَلُوْنَ ﴿۱۵۳﴾

١٥۴- جڏهين اوهان ڊوڙندا پئي ويا ۽ ڪنهن طرف مڙي نهاريو بہ نہ ٿي. حالانڪ رسول توهانجي سڀ کان پوئين جماعت ۾ (پٺيان) توهان کي سڏي رهيو هو. انهيءَ تي انهيءَ توهان کي هڪ غم جي بدلي ۾ هڪ ٻيو غم ڏنو انهيءَ لاءِ تہ جيڪي ڪجهہ توهان کان وڃي رهيو آهي ۽ جيڪو (ڏک) توهانکي پهتو آهي انهيءَ تي توهان غمگين نہ ٿيو ۽ جيڪي ڪجهہ توهان ڪيو ٿا الله انهيءَ

ثُمَّ اَنْزَلَ عَلَيْكُمْ مِّنْ بَعْدِ الْغَمِّ اَمَنَةً نُّعَاسًا يَّغْشٰى
طَآئِفَةً مِّنْكُمْ وَطَآئِفَةٌ قَدْ اَهَمَّتْهُمْ اَنْفُسُهُمْ
يَظُنُّوْنَ بِاللّٰهِ غَيْرَ الْحَقِّ ظَنَّ الْجَاهِلِيَّةِ يَقُوْلُوْنَ
هَلْ لَّنَا مِنَ الْاَمْرِ مِنْ شَيْءٍ قُلْ اِنَّ الْاَمْرَ كُلَّهٗ لِلّٰهِ
يُخْفُوْنَ فِيْٓ اَنْفُسِهِمْ مَّا لَا يُبْدُوْنَ لَكَ يَقُوْلُوْنَ لَوْ
كَانَ لَنَا مِنَ الْاَمْرِ شَيْءٌ مَّا قُتِلْنَا هٰهُنَا قُلْ لَّوْ
كُنْتُمْ فِيْ بُيُوْتِكُمْ لَبَرَزَ الَّذِيْنَ كُتِبَ عَلَيْهِمُ الْقَتْلُ
اِلٰى مَضَاجِعِهِمْ وَلِيَبْتَلِيَ اللّٰهُ مَا فِيْ صُدُوْرِكُمْ
وَلِيُمَحِّصَ مَا فِيْ قُلُوْبِكُمْ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌ بِذَاتِ
الصُّدُوْرِ ﴿۱۵۴﴾

اِنَّ الَّذِيْنَ تَوَلَّوْا مِنْكُمْ يَوْمَ الْتَقَى الْجَمْعٰنِ اِنَّمَا
اسْتَزَلَّهُمُ الشَّيْطٰنُ بِبَعْضِ مَا كَسَبُوْا وَلَقَدْ عَفَا
اللّٰهُ عَنْهُمْ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ حَلِيْمٌ ﴿۱۵۵﴾ ع

کي ڄاڻي ٿو.

١٥٥ـ پوءِ انهيءَ غم کان پوءِ توهانتي دلجاءِ (جي حالت) يعني ننڊ نازل ڪئي جيڪا توهان مان هڪ گروهہ تي غالب ٿي رهي هئي ۽ هڪ گروهہ اهڙو هو جو انهنکي انهن جي جانين فڪرمند ڪري رکيو هو. اهي الله جي نسبت جاهليت جي گمانن وانگر ڪوڙا گمان ڪري رهيا هئا تہ ڇا حڪومت ۾ اسانجو بہ ڪجهہ (دخل) آهي تون چئُ (تہ) حڪومت سموري الله جي ئي آهي اهي (منافق) پنهنجي دلين ۾ اهو ڪجهہ لڪائين ٿا جنهن کي اهي توتي ظاهر نہ ٿا ڪن. اهي چون ٿا تہ جيڪڏهين اسانجو (بہ) حڪومت ۾ دخل هجي ها تہ اسان هتي ماريا نہ وڃون ها. تون چئُ (تہ) جي ڪڏهين توهان پنهنجن گهرن ۾ (بہ) رهو ها، تہ بہ جن ماڻهن تي لڙائي فرض ڪئي ويئي آهي پنهنجن (قتل ٿي ڪري) سمهڻ وارين جڳهن ڏانهن ضرور نڪري پون ها (انهيءَ لاءِ تہ الله پنهنجي حڪم کي پورو ڪري) ۽ انهيءَ لاءِ تہ جيڪي توهان جي سينن ۾ آهي. الله انهيءَ جو امتحان ڪري ۽ جيڪي ڪجهہ توهان جن دلين ۾ آهي انهيءَ کي (پاڪ ۽) صاف ڪري ۽ الله سينن جي ڳالهين کي (بہ) خوب ڄاڻي ٿو.

١٥٦ـ جنهن ڏينهن ٻنهي لشڪر هڪ ٻئي جي مقابلي ۾ ٿيا هئا انهيءَ ڏينهن توهان مان جن پٺي ڦيري ڇڏي هئي انهن کي صرف انهن جي ڪن عملن جي سببان شيطان ڪيرائڻ چاهيو ٿي ۽ هاڻي الله يقينن انهن کي معاف

ڪري ڇڪو آهي. الله يقينن ڏاڍو بخشڻ
وارو (۽) بردبار آهي.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَكُوْنُوْا كَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَقَالُوْا لِاِخْوَانِهِمْ اِذَا ضَرَبُوْا فِي الْاَرْضِ اَوْ كَانُوْا غُزًّى لَّوْ كَانُوْا عِنْدَنَا مَا مَاتُوْا وَمَا قُتِلُوْا ۚ لِيَجْعَلَ اللّٰهُ ذٰلِكَ حَسْرَةً فِيْ قُلُوْبِهِمْ ۗ وَاللّٰهُ يُحْيٖ وَيُمِيْتُ ۗ وَاللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرٌ ۝۱۵٦

١٥٧. اي ايمان وارو! توهان انهن ماڻهن
وانگر نہ بڻجو جيڪي ڪافر ٿي ويا آهن ۽
پنهنجي ڀائرن جي متعلق جڏهين اهي ملڪ ۾
(جهاد جي غرض سان) سفر ڪن يا جنگ جي
لاءِ نڪرن چون ٿا تہ جيڪڏهين اهي اسان
وٽ رهن ها تہ نہ مرن ها ۽ نہ ماريا وڃن
ها انهيءَ لاءِ تہ الله (انهن جي) انهيءَ
(قول) کي انهن جي دلين ۾ حسرت جو سبب
بڻائي ڇڏي ۽ الله (ئي) زنده ڪريٿو ۽
ماريٿو ۽ جيڪي ڪجهہ توهان ڪيو ٿا الله
انهيءَ کي ڏسي رهيو آهي.

وَلَئِنْ قُتِلْتُمْ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ اَوْ مُتُّمْ لَمَغْفِرَةٌ مِّنَ اللّٰهِ وَرَحْمَةٌ خَيْرٌ مِّمَّا يَجْمَعُوْنَ ۝۱۵۷

١٥٨. ۽ جيڪڏهين توهان الله جي واٽ ۾
ماريا وڃو يا مري وڃو تہ يقينن الله جي
(طرفان توهان ڏانهن اچڻ واري) بخشش ۽
رحمت انهيءَ کان جيڪو اهي جمع ڪن ٿا
گهڻو بهتر هوندي.

وَلَئِنْ مُّتُّمْ اَوْ قُتِلْتُمْ لَاِلَى اللّٰهِ تُحْشَرُوْنَ ۝۱۵۸

١٥٩. ۽ جيڪڏهين توهين مري وڃو يا ماريا
وڃو. تہ توهان کي يقينن الله (ئي) ڏانهن گڏ
ڪري نيو ويندو.

فَبِمَا رَحْمَةٍ مِّنَ اللّٰهِ لِنْتَ لَهُمْ ۚ وَلَوْ كُنْتَ فَظًّا غَلِيْظَ الْقَلْبِ لَانْفَضُّوْا مِنْ حَوْلِكَ ۖ فَاعْفُ عَنْهُمْ وَاسْتَغْفِرْ لَهُمْ وَشَاوِرْهُمْ فِي الْاَمْرِ ۚ فَاِذَا عَزَمْتَ فَتَوَكَّلْ عَلَى اللّٰهِ ۗ اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ الْمُتَوَكِّلِيْنَ ۝۱۵۹

١٦٠. ۽ تون انهيءَ عظيم الشان رحمت جي
سببان (ئي) جيڪا الله جي طرفان (توکي
ڏني وئي) آهي انهن جي لاءِ نرم ٿيو آهين ۽
جيڪڏهين تون بد اخلاق ۽ سخت دل هجين ها
تہ اهي ماڻهو تنهنجي آسپاس کان ٽڙي
پکڙي وڃن ها پوءِ تون انهن کي معاف ڪري
ڇڏ ۽ انهن جي لاءِ (خدا کان) بخشش گهر ۽
حڪومت (جي معاملن) ۾ انهن کان مشورو
(وٺندو) ڪر پوءِ جڏهين تون (ڪنهن ڳالهہ

جو) پڪتو ارادو ڪري وٺين تہ الله تي توڪل ڪر. الله توڪل ڪرڻ وارن سان يقينن محبت ڪري ٿو.

إِنْ يَنْصُرْكُمُ اللّٰهُ فَلَا غَالِبَ لَكُمْ ۚ وَإِنْ يَخْذُلْكُمْ فَمَنْ ذَا الَّذِي يَنْصُرُكُمْ مِنْ بَعْدِهِ ۗ وَعَلَى اللّٰهِ فَلْيَتَوَكَّلِ الْمُؤْمِنُونَ ﴿١٦١﴾

١٦١- جيڪڏهين الله توهانجي مدد ڪري تہ توهانتي ڪوبہ غالب نٿو (اچي سگهي) ۽ جيڪڏهين اهو توهانجي مدد ڇڏي ڏيئي تہ انهيءَ کي ڇڏي ڪير آهي جيڪو توهانجي مدد ڪندو ۽ مومنن کي الله تي (ئي) توڪل ڪرڻ گهرجي.

وَمَا كَانَ لِنَبِيٍّ أَنْ يَغُلَّ ۚ وَمَنْ يَغْلُلْ يَأْتِ بِمَا غَلَّ يَوْمَ الْقِيَامَةِ ۚ ثُمَّ تُوَفَّىٰ كُلُّ نَفْسٍ مَا كَسَبَتْ وَهُمْ لَا يُظْلَمُونَ ﴿١٦٢﴾

١٦٢- ۽ ڪنهن نبيءَ جي شايان شان ڪونهي جو اهو خيانت ڪري ۽ جيڪو شخص خيانت ڪندو اهو پنهنجي خيانت سان حاصل ڪيل (مال) کي قيامت جي ڏينهن خود ئي ظاهر ڪري ڇڏيندو. پوءِ هر هڪ جان کي جيڪي ڪجهہ انهيءَ ڪمايو هوندو پورو پورو ڏنو ويندو ۽ انهن تي ڪوبہ ظلم نہ ڪيو ويندو.

أَفَمَنِ اتَّبَعَ رِضْوَانَ اللّٰهِ كَمَنْ بَاءَ بِسَخَطٍ مِنَ اللّٰهِ وَمَأْوَاهُ جَهَنَّمُ ۚ وَبِئْسَ الْمَصِيرُ ﴿١٦٣﴾

١٦٣- ڇا اهو شخص جيڪو الله جي رضا جي پٺيان هلي ٿو، انهيءَ شخص وانگر ٿي سگهي ٿو. جيڪو الله جي طرفان (نازل ٿيڻ واري) غضب کي وٺي موٽي ۽ انهيءَ جو ٺڪاڻو جهنم هجي ۽ اها جڳهہ (رهڻ جي لحاظ کان) ڏاڍي بري آهي.

هُمْ دَرَجَاتٌ عِنْدَ اللّٰهِ ۗ وَاللّٰهُ بَصِيرٌ بِمَا يَعْمَلُونَ ﴿١٦٤﴾

١٦٤- اهي (ماڻهو) الله جي نظر ۾ مختلف درجن تي آهن ۽ جيڪي ڪجهہ اهي ڪن ٿا. الله انهيءَ کي ڏسي رهيو آهي.

لَقَدْ مَنَّ اللّٰهُ عَلَى الْمُؤْمِنِينَ إِذْ بَعَثَ فِيهِمْ رَسُولًا مِنْ أَنْفُسِهِمْ يَتْلُوا عَلَيْهِمْ آيَاتِهِ وَيُزَكِّيهِمْ وَيُعَلِّمُهُمُ الْكِتَابَ وَالْحِكْمَةَ وَإِنْ كَانُوا مِنْ قَبْلُ

١٦٥- الله مومنن مان هڪ اهڙو رسول موڪلي، جيڪو انهن کي انهيءَ جا نشان پڙهي ٻڌائي ٿو ۽ انهن کي پاڪ ڪري ٿو ۽ انهنکي ڪتاب ۽ حڪمت سيکاري ٿو يقينن

نہ سنو ڪارساز آهي.

فَانْقَلَبُوْا بِنِعْمَةٍ مِّنَ اللّٰهِ وَفَضْلٍ لَّمْ يَمْسَسْهُمْ سُوْٓءٌ ۙ وَّاتَّبَعُوْا رِضْوَانَ اللّٰهِ ۭ وَاللّٰهُ ذُوْ فَضْلٍ عَظِيْمٍ ﴿١٧٤﴾

١٧٥- سو الله جي طرفان بغير ڪنهن نقصان جي وڏي نعمت ۽ وڏو فضل ولي موٽيا ۽ اهي الله جي رضا پٺيان هلي پيا ۽ الله وڏو فضل ڪرڻ وارو آهي.

اِنَّمَا ذٰلِكُمُ الشَّيْطٰنُ يُخَوِّفُ اَوْلِيَاۗءَهٗ ۠ فَلَا تَخَافُوْھُمْ وَخَافُوْنِ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿١٧٥﴾

١٧٦- اهو (ڊيڄارڻ وارو) صرف (هڪ) شيطان آهي اهو پنهنجن دوستن کي ڊيڄاري ٿو جيڪڏهين توهان مومن آهيو تہ انهن (شيطانن) کان نہ ڊڄو ۽ مون کان ڊڄو.

وَلَا يَحْزُنْكَ الَّذِيْنَ يُسَارِعُوْنَ فِي الْكُفْرِ ۚ اِنَّھُمْ لَنْ يَّضُرُّوا اللّٰهَ شَـيْـــًٔـا ۭ يُرِيْدُ اللّٰهُ اَلَّا يَجْعَلَ لَھُمْ حَظًّا فِي الْاٰخِرَةِ ۚ وَلَھُمْ عَذَابٌ عَظِيْمٌ ﴿١٧٦﴾

١٧٧- ۽ جيڪي ماڻهو ڪفر ۾ جلدي (جلدي) اڳتي وڌي رهيا آهن اهي توکي غمگين نہ ڪن! اهي الله کي هرگز ڪوبہ نقصان نہ ٿا پهچائي سگهن. الله چاهي ٿو تہ آخرت ۾ انهن جي لاءِ ڪوبہ حصو نہ رکي ۽ انهن جي لاءِ وڏو عذاب (مقدر) آهي.

اِنَّ الَّذِيْنَ اشْتَرَوُا الْكُفْرَ بِالْاِيْمَانِ لَنْ يَّضُرُّوا اللّٰهَ شَـيْـــًٔـا ۚ وَلَھُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿١٧٧﴾

١٧٨- جن ماڻهن ايمان ڇڏي ڪفر اختيار ڪيو آهي اهي الله کي هرگز ڪوبہ نقصان نٿا پهچائي سگهن ۽ انهن کي دردناڪ عذاب ملندو.

وَلَا يَحْسَبَنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا اَنَّمَا نُمْلِيْ لَھُمْ خَيْرٌ لِّاَنْفُسِھِمْ ۭ اِنَّمَا نُمْلِيْ لَھُمْ لِيَزْدَادُوْٓا اِثْمًا ۚ وَلَھُمْ عَذَابٌ مُّهِيْنٌ ﴿١٧٨﴾

١٧٩- ۽ جيڪي ماڻهو ڪافر آهن اهي هرگز اهو نہ سمجهن تہ اسانجو انهنکي ڍر ڏيڻ انهنجي ذات جي لاءِ بهتر آهي. اسان جو انهنکي ڍر ڏيون ٿا (تہ) انهيءَ جو نتيجو صرف (انهنجو) گناهن ۾ وڌي وڃڻ ٿيندو ۽ انهنجي لاءِ بدنام ڪرڻ وارو عذاب (مقدر) آهي.

مَا كَانَ اللّٰهُ لِيَذَرَ الْمُؤْمِنِيْنَ عَلٰي مَآ اَنْتُمْ عَلَيْهِ حَتّٰى يَمِيْزَ الْخَبِيْثَ مِنَ الطَّيِّبِ ۭ وَمَا كَانَ اللّٰهُ لِيُطْلِعَكُمْ

١٨٠- (اهو) ممڪن (ئي) نہ هو جنهن حالت تي توهان (ماڻهو) آهيو الله انهيءَ تي جيستائين جو اهو (الله) ناپاڪ کي پاڪ

عَلَى الْغَيْبِ وَلٰكِنَّ اللّٰهَ يَجْتَبِىْ مِنْ رُّسُلِهٖ مَنْ يَّشَآءُ فَاٰمِنُوْا بِاللّٰهِ وَرُسُلِهٖ ۚ وَاِنْ تُؤْمِنُوْا وَتَتَّقُوْا فَلَكُمْ اَجْرٌ عَظِيْمٌ ﴿۱۸۰﴾

کان جدا نہ کري ڇڏي (توهان جهڙي) مومنن کي ڇڏي ڏئي ۽ الله توهان کي غيب تي هرگز آگاهہ کري نٿي سگهيو. ها الله پنهنجن رسولن مان جنهن کي چاهي ٿو چونڊي وٺي ٿو سو توهان الله (تي) ۽ انهيءَ جي رسولن تي ايمان آڻيو ۽ جيڪڏهين توهان ايمان آڻيندؤ ۽ تقويٰ اختيار ڪندؤ ته توهانکي وڏو اجر ملندو.

وَلَا يَحْسَبَنَّ الَّذِيْنَ يَبْخَلُوْنَ بِمَآ اٰتٰهُمُ اللّٰهُ مِنْ فَضْلِهٖ هُوَ خَيْرًا لَّهُمْ ۭ بَلْ هُوَ شَرٌّ لَّهُمْ ۭ سَيُطَوَّقُوْنَ مَا بَخِلُوْا بِهٖ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ ۭ وَلِلّٰهِ مِيْرَاثُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۭ وَاللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ خَبِيْرٌ ﴿۱۸۱﴾ ع ۱۸ ۹

۱۸۱- ۽ جيڪي ماڻهون انهيءَ (مال جي ڏيڻ) ۾ جيڪو الله انهنکي پنهنجي فضل سان ڏنو آهي بخل ڪن ٿا اهي پنهنجي لاءِ (انهيءَ کي) هرگز سٺو نہ سمجهن (سٺو نہ) پر اهو انهن جي لاءِ برو آهي. جن مالن ۾ اهي بخل کان ڪم وٺن ٿا قيامت جي ڏينهن يقينن انهن جو طوق بنايو ويندو ۽ انهن جي گلن ۾ وڌو ويندو ۽ آسمانن ۽ زمين جي ميراث الله جي لاءِ ئي آهي ۽ جيڪي (ڪجهہ) توهان ڪيو ٿا الله انهيءَ کان آگاهہ آهي.

لَقَدْ سَمِعَ اللّٰهُ قَوْلَ الَّذِيْنَ قَالُوْٓا اِنَّ اللّٰهَ فَقِيْرٌ وَّنَحْنُ اَغْنِيَآءُ ۘ سَنَكْتُبُ مَا قَالُوْا وَقَتْلَهُمُ الْاَنْۢبِيَآءَ بِغَيْرِ حَقٍّ ۙ وَّنَقُوْلُ ذُوْقُوْا عَذَابَ الْحَرِيْقِ ﴿۱۸۲﴾ ربع

۱۸۲- جن ماڻهن چيو آهي تہ الله (تہ) محتاج آهي ۽ اسان غني آهيون الله انهن جي (انهيءَ ڳالهہ کي يقينن ٻڌي ورتو آهي) اسان انهن جي اها ڳالهہ ۽ انهن جو ناحق نبين کي مارڻ جي پٺيان رهڻ يقينن لکي ڇڏينداسين ۽ اسان (انهن کي) چونداسين تہ جلڻ جو عذاب چکو.

ذٰلِكَ بِمَا قَدَّمَتْ اَيْدِيْكُمْ وَاَنَّ اللّٰهَ لَيْسَ بِظَلَّامٍ لِّلْعَبِيْدِ ﴿۱۸۳﴾ ج

۱۸۳- اهو (عذاب) جو (ڪجهہ) توهانجن هٿن اڳتي موڪليو آهي انهيءَ جي سبباں هوندو ۽ حق اهو آهي تہ الله ٻانهن تي ظلم نٿو ڪري.

الَّذِينَ قَالُوٓا إِنَّ اللّٰهَ عَهِدَ إِلَيْنَآ أَلَّا نُؤْمِنَ لِرَسُولٍ
حَتّٰى يَأْتِيَنَا بِقُرْبَانٍ تَأْكُلُهُ النَّارُ ؕ قُلْ قَدْ جَآءَكُمْ
رُسُلٌ مِّنْ قَبْلِي بِالْبَيِّنٰتِ وَبِالَّذِي قُلْتُمْ فَلِمَ قَتَلْتُمُوهُمْ
إِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِينَ ﴿١٨٣﴾

١٨٤۔ جن ماڻهن چيو آهي تہ الله اسانکي يقينن تاڪيدي حڪم ڏنو آهي تہ اسان (انهيءَ وقت تائين) ڪنهن بہ رسول جي ڳالهہ نہ مڃون جيستائين اهو اهڙي قربانيءَ (جو حڪم) نہ آڻي جنهنکي باهہ کائي ويندي هجي. تون (اِنهنکي) چؤ تہ ڪيترائي رسول توهان وٽ مون کان پهريائين ڪليل نشان آڻي چڪا آهن ۽ اها (شيءِ) بہ جيڪا توهان بيان ڪئي آهي پوءِ جيڪڏهين توهان سچا آهيو تہ انهنجي مارڻ جي پٺيان ڇو پيا هئا.

فَإِنْ كَذَّبُوكَ فَقَدْ كُذِّبَ رُسُلٌ مِّنْ قَبْلِكَ جَآءُو
بِالْبَيِّنٰتِ وَالزُّبُرِ وَالْكِتٰبِ الْمُنِيرِ ﴿١٨٤﴾

١٨٥۔ پوءِ جيڪڏهين اهي توکي ڪوڙو ڪن تہ (ڇا ٿيو) توکان پهرئين وارن ڪيترن رسولن کي (بہ) جن ڪليل نشان ۽ لکيتون ۽ روشن شريعت آندي هئي ڪوڙو ڪري چڪا آهن.

كُلُّ نَفْسٍ ذَآئِقَةُ الْمَوْتِ ؕ وَإِنَّمَا تُوَفَّوْنَ أُجُورَكُمْ
يَوْمَ الْقِيٰمَةِ ؕ فَمَنْ زُحْزِحَ عَنِ النَّارِ وَأُدْخِلَ الْجَنَّةَ
فَقَدْ فَازَ ؕ وَمَا الْحَيٰوةُ الدُّنْيَآ إِلَّا مَتَاعُ الْغُرُورِ ﴿١٨٥﴾

١٨٦۔ هر هڪ جان موت جو مزو چکڻ واري آهي. ۽ توهان کي صرف قيامت جي ڏينهن (ئي) توهانجن (عملن جو) پورو بدلو ڏنو ويندو پوءِ جنهنکي باهہ کان پري رکيو وڃي ۽ جنت ۾ داخل ڪيو وڃي اهو ڪامياب ٿي ويو ۽ دنيوي زندگيءَ (جو سامان) صرف فريب ڏيڻ وارو عارضي سامان آهي.

لَتُبْلَوُنَّ فِيٓ أَمْوَالِكُمْ وَأَنْفُسِكُمْ وَلَتَسْمَعُنَّ مِنَ الَّذِينَ
أُوتُوا الْكِتٰبَ مِنْ قَبْلِكُمْ وَمِنَ الَّذِينَ أَشْرَكُوٓا أَذًى
كَثِيرًا ؕ وَإِنْ تَصْبِرُوا وَتَتَّقُوا فَإِنَّ ذٰلِكَ مِنْ عَزْمِ
الْأُمُورِ ﴿١٨٦﴾

١٨٧۔ توهانکي توهانجي مال ۽ توهانجي جانين جي متعلق ضرور آزمايو ويندو ۽ توهان ضرور انهن ماڻهن کان جنکي توهان کان پهرئين ڪتاب ڏنو ويو هو ۽ انهن کان (بہ) جيڪي مشرڪ آهن ڏاڍو ڏک (ڏيڻ وارو ڪلام) ٻڌندا. ۽ جيڪڏهين توهان صبر ڪندؤ ۽ تقويٰ اختيار ڪندؤ تہ اها يقينن همت جي

كمن مان آهي.

وَإِذْ أَخَذَ اللَّهُ مِيثَاقَ الَّذِينَ أُوتُوا الْكِتَابَ لَتُبَيِّنُنَّهُ لِلنَّاسِ وَلَا تَكْتُمُونَهُ فَنَبَذُوهُ وَرَاءَ ظُهُورِهِمْ وَاشْتَرَوْا بِهِ ثَمَنًا قَلِيلًا ۖ فَبِئْسَ مَا يَشْتَرُونَ ﴿١٨٨﴾

١٨٨. ۽ (انهيءَ وقت کي ياد ڪريو) جڏهين الله انهن ماڻهن کان جنکي ڪتاب ڏنو ويو آهي عهد ورتو هو تہ توهان ضرور ماڻهن وٽ انهيءَ (ڪتاب) کي ظاهر ڪندؤ ۽ انهيءَ کي نہ لڪائيندؤ پر باوجود انهيءَ جي انهن انهيءَ کي پنهنجي پٺيءَ پٺيان اڇلائي ڇڏيو ۽ انهيءَ کي ڇڏي ٿورڙي قيمت ورتي جيڪي ڪجهہ اهي وٺن ٿا اهو ڪيترو نہ برو آهي.

لَا تَحْسَبَنَّ الَّذِينَ يَفْرَحُونَ بِمَا أَتَوا وَّيُحِبُّونَ أَن يُحْمَدُوا بِمَا لَمْ يَفْعَلُوا فَلَا تَحْسَبَنَّهُم بِمَفَازَةٍ مِّنَ الْعَذَابِ ۖ وَلَهُمْ عَذَابٌ أَلِيمٌ ﴿١٨٩﴾

١٨٩. تون انهن ماڻهن کي جيڪي پنهنجي ڪئي تي غرور ڪن ٿا ۽ جيڪو (ڪم) انهن نہ ڪيو انهيءَ جي بابت (بہ) گهرن ٿا تہ انهنجي تعريف ڪئي وڃي بلڪل نہ سمجهہ تہ اهي عذاب کان محفوظ آهن (اهي پڪڙيا ويندا) ۽ انهنجي لاءِ دردناڪ عذاب (مقدر) آهي.

وَلِلَّهِ مُلْكُ السَّمَاوَاتِ وَالْأَرْضِ ۗ وَاللَّهُ عَلَىٰ كُلِّ شَيْءٍ قَدِيرٌ ﴿١٩٠﴾

ع ١٩ ١٠

١٩٠. ۽ آسمانن ۽ زمين جي حڪومت الله جي ئي آهي ۽ الله هر ڳالهہ تي پوريءَ طرح قادر آهي.

إِنَّ فِي خَلْقِ السَّمَاوَاتِ وَالْأَرْضِ وَاخْتِلَافِ اللَّيْلِ وَالنَّهَارِ لَآيَاتٍ لِّأُولِي الْأَلْبَابِ ﴿١٩١﴾

١٩١. آسمانن ۽ زمين جي پيدائش ۾ رات ۽ ڏينهن جي اڳتي پوئتي اچڻ ۾ عقل مندن جي لاءِ يقينن ڪيترا نشان (موجود) آهن.

الَّذِينَ يَذْكُرُونَ اللَّهَ قِيَامًا وَقُعُودًا وَعَلَىٰ جُنُوبِهِمْ وَيَتَفَكَّرُونَ فِي خَلْقِ السَّمَاوَاتِ وَالْأَرْضِ رَبَّنَا مَا خَلَقْتَ هَٰذَا بَاطِلًا سُبْحَانَكَ فَقِنَا عَذَابَ النَّارِ ﴿١٩٢﴾

١٩٢. (اهي عقل مند) جيڪي بيٺي ۽ ويٺي ۽ پنهنجي پاسن تي الله کي ياد ڪندا (رهن) ٿا ۽ آسمانن ۽ زمين جي پيدائش جي باري ۾ غور ۽ فڪر کان ڪم وٺن ٿا (۽ چون ٿا تہ) اي اسانجا رب! تون هن (دنيا) کي بي فائدي نہ پيدا ڪيو آهي. تون (اهڙي بي

مقصد ڪم ڪرڻ کان) پاڪ آهين. پوءِ تون اسانکي باهہ جي عذاب کان بچاءِ (۽ اسانجي زندگيءَ کي) بي مقصد بڻجڻ کان بچاءِ.

رَبَّنَآ اِنَّكَ مَنْ تُدْخِلِ النَّارَ فَقَدْ اَخْزَيْتَهٗ ۭ وَمَا لِلظّٰلِمِيْنَ مِنْ اَنْصَارٍ ﴿۱۹۲﴾

۱۹۳- اي اسانجا رب! جنهنکي تون باهہ ۾ داخل ڪندين انهيءَ کي تہ تو يقينن ذليل ڪري ڇڏيو ۽ ظالمن جو ڪوبہ مددگار نہ هوندو.

رَبَّنَآ اِنَّنَا سَمِعْنَا مُنَادِيًا يُّنَادِيْ لِلْاِيْمَانِ اَنْ اٰمِنُوْا بِرَبِّكُمْ فَاٰمَنَّا ڰ رَبَّنَا فَاغْفِرْ لَنَا ذُنُوْبَنَا وَكَفِّرْ عَنَّا سَيِّاٰتِنَا وَتَوَفَّنَا مَعَ الْاَبْرَارِ ﴿۱۹۳﴾

۱۹۴- اي اسانجا رب! اسان يقينن هڪ اهڙي پڪارڻ واري جو آواز جيڪو ايمان (ڏيڻ) جي لاءِ سڏي ٿو (۽ چوي ٿو) تہ پنهنجي رب تي ايمان آڻيو ٻڌو آهي پوءِ اسان ايمان آندو. انهيءَ ڪري اي اسانجا رب! تون اسانجا قصور معاف ڪر ۽ اسانجون بديون اسان تان مٽائي ڇڏ اسانکي نيڪن سان (ملا ٿي) وفات ڏي.

رَبَّنَا وَاٰتِنَا مَا وَعَدْتَّنَا عَلٰى رُسُلِكَ وَلَا تُخْزِنَا يَوْمَ الْقِيٰمَةِ ۭ اِنَّكَ لَا تُخْلِفُ الْمِيْعَادَ ﴿۱۹۴﴾

۱۹۵- اي اسانجا رب! اسانکي اهو (ڪجهہ) ڏي جنهن جو تو پنهنجن رسولن (جي زباني) اسان سان وعدو ڪيو آهي ۽ قيامت جي ڏينهن اسانکي ذليل نہ ڪجانءِ. تون پنهنجي وعدي جي خلاف هرگز نہ ٿو ڪرين.

فَاسْتَجَابَ لَهُمْ رَبُّهُمْ اَنِّىْ لَآ اُضِيْعُ عَمَلَ عَامِلٍ مِّنْكُمْ مِّنْ ذَكَرٍ اَوْ اُنْثٰى ۚ بَعْضُكُمْ مِّنْۢ بَعْضٍ ۚ فَالَّذِيْنَ هَاجَرُوْا وَاُخْرِجُوْا مِنْ دِيَارِهِمْ وَاُوْذُوْا فِيْ سَبِيْلِيْ وَقٰتَلُوْا وَقُتِلُوْا لَاُكَفِّرَنَّ عَنْهُمْ سَيِّاٰتِهِمْ وَلَاُدْخِلَنَّهُمْ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ ۚ ثَوَابًا مِّنْ عِنْدِ اللّٰهِ ۭ وَاللّٰهُ عِنْدَهٗ حُسْنُ الثَّوَابِ ﴿۱۹۵﴾

۱۹۶- سو انهن جي رب (هي چوندي) انهن جي (دعا) ٻڌي ورتي تہ مان توهان مان ڪنهن عمل ڪرڻ واري جي عمل کي خواهہ مرد هجي يا عورت ضائع نہ ڪندس. توهان هڪ ٻئي سان (تعلق رکڻ وارا) آهيو پوءِ جن هجرت ڪئي ۽ انهن کي انهن جي گهرن مان ڪڍيو ويو ۽ منهنجي واٽ ۾ تڪليف ڏني وئي ۽ انهن جنگ ڪئي ۽ مارجي ويا. مان

انهن جي بدين (جي اثر) کي انهن (جي جسم) مان يقين مٽائي ڇڏيندس ۽ مان انهنکي يقين اهڙي باغن ۾ داخل ڪندس جن جي هيٺان نهرون وهنديون هونديون (اهو انعام) الله جي طرفان بدلي جي طور تي ملندو ۽ الله تہ اهو آهي جنهن وٽ بهترين جزا آهي.

لَا يَغُرَّنَّكَ تَقَلُّبُ الَّذِينَ كَفَرُوا فِي الْبِلَادِ ﴿١٩٦﴾

١٩٧. جيڪي ماڻهو ڪافر آهن انهنجو ملڪ ۾ آزاديءَ سان ڦرڻ توکي هرگز ڌوکي ۾ نہ وجهي.

مَتَاعٌ قَلِيلٌ ثُمَّ مَأْوَاهُمْ جَهَنَّمُ وَبِئْسَ الْمِهَادُ ﴿١٩٧﴾

١٩٨. هي عارضي نفعو آهي جنهن کان پوءِ انهن جو ٺڪاڻو جهنم (۾) هوندو ۽ اهو ڏاڍو برو ٺڪاڻو آهي.

لَٰكِنِ الَّذِينَ اتَّقَوْا رَبَّهُمْ لَهُمْ جَنَّاتٌ تَجْرِي مِنْ تَحْتِهَا
الْأَنْهَارُ خَالِدِينَ فِيهَا نُزُلًا مِنْ عِنْدِ اللَّهِ وَمَا عِنْدَ
اللَّهِ خَيْرٌ لِلْأَبْرَارِ ﴿١٩٨﴾

١٩٩. پر جن ماڻهن پنهنجي رب جي تقويٰ اختيار ڪئي آهي انهن جي لاءِ اهڙا باغ آهن جن جي هيٺان نهرون وهن ٿيون. اهي انهيءَ ۾ هميشه رهندا ايندا (اهو) الله جي طرفان مهمانداريءَ جي طور تي ٿيندو ۽ جيڪي (ڪجهہ) الله وٽ آهي اهو نيڪ ماڻهن جي لاءِ اڃا بہ سٺو آهي.

وَإِنَّ مِنْ أَهْلِ الْكِتَابِ لَمَنْ يُؤْمِنُ بِاللَّهِ وَمَا أُنْزِلَ
إِلَيْكُمْ وَمَا أُنْزِلَ إِلَيْهِمْ خَاشِعِينَ لِلَّهِ لَا يَشْتَرُونَ
بِآيَاتِ اللَّهِ ثَمَنًا قَلِيلًا أُولَٰئِكَ لَهُمْ أَجْرُهُمْ عِنْدَ
رَبِّهِمْ إِنَّ اللَّهَ سَرِيعُ الْحِسَابِ ﴿١٩٩﴾

٢٠٠. ۽ اهل ڪتاب مان ڪي ماڻهو يقين اهڙا (بہ) آهن جيڪي الله (تي) ۽ جيڪي (ڪجهہ) توتي لاٿو ويو آهي (انهيءَ تي) ۽ جيڪو (ڪجهہ) انهن تي لاٿو ويو (انهيءَ تي) ايمان رکن ٿا ۽ انهيءَ سان گڏ ئي (اهي) الله جي اڳيان عاجزي (بہ) اختيار ڪرڻ وارا آهن (۽) الله جي آيتن جي بدلي ٿورو مال نہ ٿا وٺن. اهي اهڙا ماڻهو آهن جن (جي عملن) جو بدلو انهنجي رب وٽ

انهن جي لاءِ (محفوظ) آهي. الله يقينن جلد
حساب ڪرڻ وارو آهي.

يَاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اصْبِرُوْا وَصَابِرُوْا وَرَابِطُوْا قف
وَاتَّقُوا اللّٰهَ لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ ﴿٢٠٠﴾ ع ٢٠ / ١١

٢٠١. اي ايماندارو! صبر ڪان ڪم وٺو ۽
(دشمن ڪان وڌيڪ) صبر ڏيکاريو ۽ سرحدن
جي نگراني رکو ۽ الله جي تقويٰ اختيار ڪيو،
انهيءَ لاءِ تہ توهان ڪامياب ٿي وڃو.

## سُوْرَةُ النِّسَاءِ مَدَنِيَّةٌ وَّهِيَ مَعَ الْبَسْمَلَةِ مِائَةٌ وَّسَبْعٌ وَّسَبْعُوْنَ اٰيَةً وَّاَرْبَعَةٌ وَّعِشْرُوْنَ رُكُوْعًا

**هيءَ سورت مدني آهي ۽ بسم الله سميت هن جون هڪ سئو ستهتر آيتون ۽ چوويهہ رڪوع آهن.**

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ①

١- (مان) الله جو نالو وٺي (پڙهانٿو) جيڪو بي حد ڪرم ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي.

يٰٓاَيُّهَا النَّاسُ اتَّقُوْا رَبَّكُمُ الَّذِيْ خَلَقَكُمْ مِّنْ نَّفْسٍ
وَّاحِدَةٍ وَّخَلَقَ مِنْهَا زَوْجَهَا وَبَثَّ مِنْهُمَا رِجَالًا كَثِيْرًا
وَّنِسَآءً ۚ وَاتَّقُوا اللّٰهَ الَّذِيْ تَسَآءَلُوْنَ بِهٖ وَالْاَرْحَامَ ۭ
اِنَّ اللّٰهَ كَانَ عَلَيْكُمْ رَقِيْبًا ②

٢- اي انسانو! پنهنجي رب جي تقويٰ اختيار ڪيو جنهن توهانکي هڪ (ئي) جان مان پيدا ڪيو ۽ انهيءَ (جي جنس) مان (ئي) انهيءَ جو جوڙو پيدا ڪيو ۽ انهن ٻنهي مان ڪيترا مرد ۽ عورتون (پيدا ڪري دنيا ۾) ٻکيڙيا ۽ الله جي تقويٰ (انهيءَ لاءِ بہ) اختيار ڪيو جو انهيءَ جي ذريعي توهان پاڻ ۾ سوال ڪيو ٿا ۽ خاص ڪري رشتيدارين (جي معاملي) ۾ (تقويٰ کان ڪم وٺو) الله توهانتي يقينن نگران آهي.

وَاٰتُوا الْيَتٰمٰٓى اَمْوَالَهُمْ وَلَا تَتَبَدَّلُوا الْخَبِيْثَ بِالطَّيِّبِ
وَلَا تَاْكُلُوْٓا اَمْوَالَهُمْ اِلٰٓى اَمْوَالِكُمْ ۭ اِنَّهٗ كَانَ حُوْبًا
كَبِيْرًا ③

٣- ۽ يتيمن کي انهنجو مال ڏئي ڇڏيو ۽ پاڪ (مال) جي بدلي ۾ ناپاڪ (مال) نہ وٺو ۽ انهن جو مال پنهنجي مالن سان (ملائي) نہ کائو. اهو يقينن وڏو گناهہ آهي.

وَاِنْ خِفْتُمْ اَلَّا تُقْسِطُوْا فِي الْيَتٰمٰى فَانْكِحُوْا مَا طَابَ
لَكُمْ مِّنَ النِّسَآءِ مَثْنٰى وَثُلٰثَ وَرُبٰعَ ۚ فَاِنْ خِفْتُمْ
اَلَّا تَعْدِلُوْا فَوَاحِدَةً اَوْ مَا مَلَكَتْ اَيْمَانُكُمْ ۭ ذٰلِكَ
اَدْنٰٓى اَلَّا تَعُوْلُوْا ④

٤- ۽ جيڪڏهين توهانکي (اهو) خوف هجي تہ توهان يتيمن (جي باري) ۾ انصاف نہ ڪري سگهندو تہ جيڪا (صورت) توهانکي پسند هجي (ڪيو يعني) (غير يتيم) عورتن مان ٻہ ٻہ (سان) ۽ ٽن ٽن (سان) ۽ چئن چئن سان نڪاح ڪيو. پر جيڪڏهين توهانکي (اهو) خوف هجي تہ توهان عدل نہ ڪري سگهندؤ, تہ هڪ ئي (عورت) سان

يا انهن (پانهين) سان جيڪي توهانجي هٿ ۾ آهن نڪاح ڪيو اهو (طريقو انهيءَ ڳالهه جي) ڏاڍو ويجهو آهي ته توهان ظالم نه ٿي وڃو.

وَاٰتُوا النِّسَآءَ صَدُقٰتِهِنَّ نِحْلَةً ۚ فَاِنْ طِبْنَ لَكُمْ عَنْ شَيْءٍ مِّنْهُ نَفْسًا فَكُلُوْهُ هَنِيْٓـًٔا مَّرِيْٓـًٔا ۝٥

٥- ۽ عورتن کي انهن جا مهر دلي خوشيءَ سان ادا ڪيو پوءِ جيڪڏهين اهي پنهنجي دل جي خوشيءَ سان انهيءَ مان ڪجهه ڏئي ڇڏين ته اهو جائندي ته اهو توهانجي لاءِ مزي ۽ آخر جي لحاظ کان سٺو آهي توهان اهو بيشڪ کائو.

وَلَا تُؤْتُوا السُّفَهَآءَ اَمْوَالَكُمُ الَّتِيْ جَعَلَ اللّٰهُ لَكُمْ قِيٰمًا وَّارْزُقُوْهُمْ فِيْهَا وَاكْسُوْهُمْ وَقُوْلُوْا لَهُمْ قَوْلًا مَّعْرُوْفًا ۝٦

٦- ۽ بي سمجهن کي پنهنجو مال جنکي الله توهان جي لاءِ سهارو بنايو آهي نه ڏيو ۽ انهيءَ مان کين کارايو ۽ کين پهرايو ۽ کين مناسب ۽ (سٺيون) ڳالهيون ٻڌايو.

وَابْتَلُوا الْيَتٰمٰى حَتّٰٓى اِذَا بَلَغُوا النِّكَاحَ ۚ فَاِنْ اٰنَسْتُمْ مِّنْهُمْ رُشْدًا فَادْفَعُوْٓا اِلَيْهِمْ اَمْوَالَهُمْ ۚ وَلَا تَاْكُلُوْهَآ اِسْرَافًا وَّبِدَارًا اَنْ يَّكْبَرُوْا ۭ وَمَنْ كَانَ غَنِيًّا فَلْيَسْتَعْفِفْ ۚ وَمَنْ كَانَ فَقِيْرًا فَلْيَاْكُلْ بِالْمَعْرُوْفِ ۭ فَاِذَا دَفَعْتُمْ اِلَيْهِمْ اَمْوَالَهُمْ فَاَشْهِدُوْا عَلَيْهِمْ ۭ وَكَفٰى بِاللّٰهِ حَسِيْبًا ۝٧

٧- ۽ يتيمن جي آزمائش انهيءَ وقت تائين جو هو شاديءَ (جي عمر) کي پهچي وڃن, ڪندا رهو - پوءِ جيڪڏهين توهان انهن ۾ سمجهه (جا اهڃاڻ) ڏسو ته سندن مال کين واپس ڏيئي ڇڏيو. ۽ سندن جوان ٿيڻ (جي خوف) کان انهن (مالن) کي ناجائز طريقي سان ۽ جلدي (جلدي) نه کائي ڇڏيو ۽ جيڪو مالدار رهجي انکي گهرجي ته هو (انهيءَ مال جي استعمال کان) پوريءَ طرح پرهيز ڪري - ليڪن جيڪو نادار هجي اهو مناسب طريقي سان (انهيءَ مال مان) کائي. پوءِ جڏهن توهان کين سندن مال واپس ڏيو ته انهن (يتيمن) کي روبرو شاهد مقرر ڪيو ۽ الله حساب وٺڻ جي لحاظ کان (اڪيلو) ڪافي آهي.

لِلرِّجَالِ نَصِيْبٌ مِّمَّا تَرَكَ الْوَالِدٰنِ وَالْاَقْرَبُوْنَ ۠ وَلِلنِّسَآءِ نَصِيْبٌ مِّمَّا

٨- ۽ مردن جو (ٻه) ۽ عورتن جو ٻه انهيءَ

عَلِيْمًا حَكِيْمًا ﴿١٢﴾

وَلَكُمْ نِصْفُ مَا تَرَكَ اَزْوَاجُكُمْ اِنْ لَّمْ يَكُنْ لَّهُنَّ
وَلَدٌ ۚ فَاِنْ كَانَ لَهُنَّ وَلَدٌ فَلَكُمُ الرُّبُعُ مِمَّا تَرَكْنَ
مِنْۢ بَعْدِ وَصِيَّةٍ يُّوْصِيْنَ بِهَآ اَوْ دَيْنٍ ۚ وَلَهُنَّ الرُّبُعُ
مِمَّا تَرَكْتُمْ اِنْ لَّمْ يَكُنْ لَّكُمْ وَلَدٌ ۚ فَاِنْ كَانَ لَكُمْ وَلَدٌ
فَلَهُنَّ الثُّمُنُ مِمَّا تَرَكْتُمْ مِّنْۢ بَعْدِ وَصِيَّةٍ تُوْصُوْنَ
بِهَآ اَوْ دَيْنٍ ۗ وَاِنْ كَانَ رَجُلٌ يُّوْرَثُ كَلٰلَةً اَوِ امْرَاَةٌ
وَّلَهٗٓ اَخٌ اَوْ اُخْتٌ فَلِكُلِّ وَاحِدٍ مِّنْهُمَا السُّدُسُ ۚ فَاِنْ
كَانُوْٓا اَكْثَرَ مِنْ ذٰلِكَ فَهُمْ شُرَكَآءُ فِي الثُّلُثِ مِنْۢ
بَعْدِ وَصِيَّةٍ يُّوْصٰى بِهَآ اَوْ دَيْنٍ ۙ غَيْرَ مُضَآرٍّ ۚ وَصِيَّةً
مِّنَ اللّٰهِ ۗ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌ حَلِيْمٌ ﴿١٣﴾

بيءِ لاءِ (يعني) ان مان هر هڪ جي لاءِ انهيءَ ترڪي مان ڇهون حصو (مقرر) آهي ۽ جيڪڏهين انهيءَ جي اولاد نہ هجي ۽ انهيءَ جا ماءُ پيءُ (ئي) انهيءَ جا وارث هجن تہ انهيءَ جي ماءُ جو ٽيون حصو (مقرر) آهي پر جيڪڏهين انهيءَ جا ڀائر (ڀينر موجود) هجن تہ انهيءَ جي ماءُ جو ڇهون حصو (مقرر) آهي (اهي سڀئي حصا) انهيءَ جي وصيت ۽ (انهيءَ جي) قرض (جي ادائگي) کان پوءِ (ادا ٿيندا) توهان نہ ٿا ڄاڻو تہ توهان جن ابن (ڏاڏن) ۽ توهان جن پٽن مان ڪير توهان جي لاءِ وڌيڪ نفع پهچائيندڙ آهي (اهو) الله جي طرفان فرض مقرر ڪيو ويو آهي الله يقينن ڏاڍو ڄاڻڻ وارو (۽) حڪمت وارو آهي.

١٣- ۽ توهانجون زالون جيڪي ڪجهہ ڇڏي وڃن جيڪڏهين انهن جو اولاد نہ هجي تہ انهن (جي ترڪي) جو اڌ (حصو) توهانجو آهي ۽ جيڪڏهين انهن جو اولاد (موجود) هجي تہ جيڪي ڪجهہ انهن ڇڏيو هجي انهيءَ جو چوٿون (حصو) توهانجو آهي (اهي حصا) وصيت ۽ (انجي) قرض (جي ادائگي) کانپوءِ (بچيل مال مان ٿيندا) ۽ جيڪڏهين توهانکي اولاد نہ هجي تہ جيڪي ڪجهہ توهان ڇڏي وڃو انهيءَ مان چوٿون (حصو) انهن (زالن) جو آهي ۽ جيڪڏهين توهان کي اولاد هجي تہ جيڪي ڪجهہ توهان ڇڏي وڃو انهيءَ مان اٺون (حصو) انهن جو آهي (هي حصا) وصيت ۽ (توهانجي) قرض (جي ادائگي) کان پوءِ (ٿيندا) ۽ جنهن مرد يا عورت جو ورثو تقسيم ڪيو وڃي ٿو

جيڪڏهن انهيءَ جو نہ پيءُ هجي نہ اولاد ۽ انهيءَ جو ڪو ڀاءُ هجي يا ڀيڻ هجي تہ انهن مان هر هڪ جو ڇهون (حصو) ٿيندو ۽ جيڪڏهن انهيءَ کان وڌيڪ هجن تہ اهي (سڀئي) ٽئين (حصي) ۾ شريڪ ٿيندا (اهي حصا) وصيت ۽ (مرڻ واري جي) قرض (جي ادائگي) کان پوءِ (بچيل مال جي لحاظ سان ٿيندا) (انهيءَ تقسيم ۾) ڪنهن کي نقصان پهچائڻ مقصد نہ هئڻ گهرجي (۽ اهو) الله جي طرفان (توهانکي) حڪم (ڏنو وڃي) ٿو ۽ الله ڏاڍو ڄاڻڻ وارو (۽) بردبار آهي.

تِلْكَ حُدُوْدُ اللّٰهِ ۚ وَمَنْ يُّطِعِ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ يُدْخِلْهُ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ۚ وَذٰلِكَ الْفَوْزُ الْعَظِيْمُ ﴿۱۳﴾

۱۴۔ اهي الله جون (مقرر ڪيل) حدون آهن ۽ جيڪي (ماڻهو) الله ۽ انهيءَ جي رسول جي اطاعت ڪن انهن کي اهو انهن باغن ۾ جن جي اندر نهرون وهنديون هونديون داخل ڪندو (۽) اهي انهن ۾ هميشه رهندا ايندا ۽ اهائي وڏي ڪاميابي آهي.

وَمَنْ يَّعْصِ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ وَيَتَعَدَّ حُدُوْدَهٗ يُدْخِلْهُ نَارًا خَالِدًا فِيْهَا ۪ وَلَهٗ عَذَابٌ مُّهِيْنٌ ﴿۱۴﴾ ع ۱۳

۱۵۔ ۽ جيڪو (شخص) الله ۽ انهيءَ جي رسول جي نافرماني ڪري ۽ انهيءَ جي (مقرر ڪيل) حدن کان نڪري وڃي انهيءَ کي هو باهہ ۾ داخل ڪندو جنهن ۾ (اهو هڪ ڊگهي) عرصي تائين رهندو ايندو ۽ انهي جي لاءِ بدناميءَ وارو عذاب (مقدر) آهي.

وَالّٰتِيْ يَاْتِيْنَ الْفَاحِشَةَ مِنْ نِّسَآئِكُمْ فَاسْتَشْهِدُوْا عَلَيْهِنَّ اَرْبَعَةً مِّنْكُمْ ۚ فَاِنْ شَهِدُوْا فَاَمْسِكُوْهُنَّ فِي الْبُيُوْتِ حَتّٰى يَتَوَفّٰهُنَّ الْمَوْتُ اَوْ يَجْعَلَ اللّٰهُ لَهُنَّ سَبِيْلًا ﴿۱۵﴾

۱۶۔ ۽ توهانجن عورتن مان جيڪي ڪنهن معروف ناپسنديدهہ فعل جي ويجهو وڃن انهن جي متعلق انهن تي پنهنجي (يعني رشتيدارن يا پاڙيسرين) مان چار شاهد طلب ڪيو. پوءِ جيڪڏهن اهي (چار شاهد) شاهدي ڏئي وڃن تہ توهان انهن کي (پنهنجن) گهرن ۾ انهيءَ وقت تائين جو انهن

ڪي موت اچي وڃي يا الله انهنجي لاءِ ڪا (ٻي) راهه ڪڍي. روڪي ڇڏيو.

وَالَّذٰنِ يَأْتِيٰنِهَا مِنْكُمْ فَاٰذُوْهُمَا ۚ فَاِنْ تَابَا وَاَصْلَحَا فَاَعْرِضُوْا عَنْهُمَا ؕ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ تَوَّابًا رَّحِيْمًا ﴿۱۷﴾

۱۷. ۽ توهان مان جيڪي ٻه مرد ناپسنديدهه فعل جي ويجهو وڃن ته توهان انهنکي ڏک پهچايو. پوءِ جيڪڏهين اهي ٻئي توبه ڪن ۽ اصلاح ڪن ته انهن تي چشم پوشي ڪيو الله يقينن ڏاڍو توبه قبول ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي.

اِنَّمَا التَّوْبَةُ عَلَى اللّٰهِ لِلَّذِيْنَ يَعْمَلُوْنَ السُّوْٓءَ بِجَهَالَةٍ ثُمَّ يَتُوْبُوْنَ مِنْ قَرِيْبٍ فَاُولٰٓئِكَ يَتُوْبُ اللّٰهُ عَلَيْهِمْ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ عَلِيْمًا حَكِيْمًا ﴿۱۸﴾

۱۸. توبه (جو قبول ڪرڻ) الله تي صرف انهن (ماڻهن جي لاءِ (واجب) آهي جيڪي جهالت جي ڪري بديءَ جا مرتڪب هجن. پوءِ جلد ئي) توبه ڪن ۽ اهي ماڻهو اهڙا آهن جو الله انهن تي مهرباني ڪري ٿو ۽ الله ڏاڍو ڄاڻڻ وارو (۽) حڪمت وارو آهي.

وَلَيْسَتِ التَّوْبَةُ لِلَّذِيْنَ يَعْمَلُوْنَ السَّيِّاٰتِ ۚ حَتّٰىٓ اِذَا حَضَرَ اَحَدَهُمُ الْمَوْتُ قَالَ اِنِّيْ تُبْتُ الْئٰنَ وَلَا الَّذِيْنَ يَمُوْتُوْنَ وَهُمْ كُفَّارٌ ؕ اُولٰٓئِكَ اَعْتَدْنَا لَهُمْ عَذَابًا اَلِيْمًا ﴿۱۹﴾

۱۹. ۽ توبه (جي قبوليت جوحق) انهن ماڻهن جي لاءِ ڪونهي جيڪي بديون ڪندا (رهن) ٿا. ايستائين جو جڏهين انهن مان ڪنهن جي سامهون موت (جي گهڙي) اچي وڃي ٿي ته چئي ٿو ته مان هاڻي يقينن توبه ڪري ڇڏي آهي ۽ نه انهن ماڻهن جي لاءِ آهي جيڪي ڪفر (ئي) جي حالت ۾ مري وڃن ٿا. اهي ماڻهون اهڙا آهن جو اسان انهن جي لاءِ دردناڪ عذاب تيار ڪري رکيو آهي.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا يَحِلُّ لَكُمْ اَنْ تَرِثُوا النِّسَآءَ كَرْهًا ؕ وَلَا تَعْضُلُوْهُنَّ لِتَذْهَبُوْا بِبَعْضِ مَآ اٰتَيْتُمُوْهُنَّ اِلَّآ اَنْ يَّاْتِيْنَ بِفَاحِشَةٍ مُّبَيِّنَةٍ ۚ وَعَاشِرُوْهُنَّ بِالْمَعْرُوْفِ ۚ فَاِنْ كَرِهْتُمُوْهُنَّ فَعَسٰٓى اَنْ تَكْرَهُوْا شَيْئًا وَّيَجْعَلَ اللّٰهُ فِيْهِ خَيْرًا كَثِيْرًا ﴿۲۰﴾

۲۰. اي ايماندارو! توهانجي لاءِ (اهو) جائز نه آهي جو توهان زبردستي عورتن جا وارث بنجي وڃو ۽ توهان انهن کي انهيءَ غرض جي لاءِ تنگ نه ڪيو ته جيڪو (ڪجهه) توهان انهن کي ڏنو آهي انهيءَ مان ڪجهه (ڪسي) کڻي وڃو. ها جيڪڏهين اهي ڪنهن ظاهر (ظهور) بديءَ جون مرتڪب هجن (ته

انهيءَ جي لاءِ حڪم مٿي گذري چڪو آهي) ۽ انهن سان سٺو سلوڪ ڪيو ۽ جيڪڏهين توهان انهن کي ناپسند ڪيو تہ (ياد رکو تہ اهو) بلڪل ممڪن آهي جو توهان هڪ شيءِ کي ناپسند ڪيو ۽ الله انهيءَ ۾ گهڻو (ئي) بهتريءَ (جو سامان) پيدا ڪري ڇڏي.

وَاِنْ اَرَدْتُّمُ اسْتِبْدَالَ زَوْجٍ مَّكَانَ زَوْجٍ ۙ وَّ
اٰتَيْتُمْ اِحْدٰىهُنَّ قِنْطَارًا فَلَا تَاْخُذُوْا مِنْهُ شَيْـًٔا ۭ
اَتَاْخُذُوْنَهٗ بُهْتَانًا وَّاِثْمًا مُّبِيْنًا ﴿٢٠﴾

۲۱- ۽ جيڪڏهين توهان (هڪ) زال جي جڳهہ (ٻي) زال بدلائڻ چاهيو ۽ توهان انهن مان هڪ کي هڪ ڍير (مال جو) ڏئي چڪا آهيو تہ (بہ) انهيءَ (مال) مان ڪجهہ (واپس) نہ وٺو - ڇا توهان هن کان بهتان ۽ ظاهر (ظهور) گناهہ جي ذريعي سان وٺندؤ.

وَكَيْفَ تَاْخُذُوْنَهٗ وَقَدْ اَفْضٰى بَعْضُكُمْ اِلٰى بَعْضٍ
وَّاَخَذْنَ مِنْكُمْ مِّيْثَاقًا غَلِيْظًا ﴿٢١﴾

۲۲- ۽ توهان اهو (مال) ڪهڙيءَ طرح وٺي سگهو ٿا جڏهين تہ توهان پاڻ ۾ ميلاپ ڪري چڪا آهيو ۽ اهي (زالون) توهان کان هڪ مضبوط عهد وٺي چڪيون آهن.

وَلَا تَنْكِحُوْا مَا نَكَحَ اٰبَاۗؤُكُمْ مِّنَ النِّسَاۗءِ اِلَّا مَا قَدْ
سَلَفَ ۭ اِنَّهٗ كَانَ فَاحِشَةً وَّمَقْتًا ۭ وَسَاۗءَ سَبِيْلًا ﴿٢٢﴾ ع

۲۳- ۽ انهن عورتن مان جنکي توهان جا ابا ڏاڏا نڪاح ۾ آڻي چڪا هجن ڪنهن سان نڪاح نہ ڪيو پر جيڪي (پهرين) گذري ويو (سو گذري ويو) اهو (فعل) يقيناً گندو ۽ غصو ڏيارڻ وارو هو ۽ (اها) ڏاڍي بري رسم هئي.

حُرِّمَتْ عَلَيْكُمْ اُمَّهٰتُكُمْ وَبَنٰتُكُمْ وَاَخَوٰتُكُمْ وَعَمّٰتُكُمْ
وَخٰلٰتُكُمْ وَبَنٰتُ الْاَخِ وَبَنٰتُ الْاُخْتِ وَاُمَّهٰتُكُمُ
الّٰتِيْٓ اَرْضَعْنَكُمْ وَاَخَوٰتُكُمْ مِّنَ الرَّضَاعَةِ وَاُمَّهٰتُ
نِسَاۗىِٕكُمْ وَرَبَاۗىِٕبُكُمُ الّٰتِيْ فِيْ حُجُوْرِكُمْ مِّنْ نِّسَاۗىِٕكُمُ
الّٰتِيْ دَخَلْتُمْ بِهِنَّ ۡ فَاِنْ لَّمْ تَكُوْنُوْا دَخَلْتُمْ بِهِنَّ فَلَا

۲۴- توهان جون مائرون ۽ توهان جون ڌيئرون ۽ توهان جون ڀينرون ۽ توهان جون ڦڦيون ۽ توهان جون ماسيون ۽ (توهانجون) ڀائٽيون ۽ (توهانجون) ڀائيجيون ۽ توهان جون (رضائي) مائرون جن توهانکي کير پياريو هجي ۽ توهان جون رضائي ڀينرون ۽ توهان جون سسون ۽ توهانجون اهي نڳيون ڇوڪريون جيڪي توهانجن انهن زالن مان هجن جن سان

جُنَاحَ عَلَيْكُمْ وَحَلَآئِلُ اَبْنَآئِكُمُ الَّذِيْنَ مِنْ اَصْلَابِكُمْ وَاَنْ تَجْمَعُوْا بَيْنَ الْاُخْتَيْنِ اِلَّا مَا قَدْ سَلَفَ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا ﴿٢٣﴾

توهان خلوت ڪري چڪا هجو ۽ اُهي توهانجن گهرن ۾ پلبيون هجن توهانتي حرام ڪيون ويون آهن پر جيڪڏهين توهان انهن (زالن) سان خلوت نہ ڪئي هجي تہ (انهن جي ڇوڪرين سان نڪاح ڪرڻ ۾) توهانتي ڪوبہ گناهہ ڪونهي ۽ (اهڙيءَ طرح) توهانجن انهن پٽن جون زالون جيڪي توهانجي پشت مان هجن (توهان تي حرام آهن) ۽ اهو (بہ) جو توهان ٻن ڀينرن کي (پنهنجي نڪاح ۾) جمع ڪيو. ها جيڪي گذري ويو (سو گذري ويو) الله يقينن ڏاڍو بخشڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي.

وَّالْمُحْصَنٰتُ مِنَ النِّسَآءِ اِلَّا مَا مَلَكَتْ اَيْمَانُكُمْ كِتٰبَ اللّٰهِ عَلَيْكُمْ وَاُحِلَّ لَكُمْ مَّا وَرَآءَ ذٰلِكُمْ اَنْ تَبْتَغُوْا بِاَمْوَالِكُمْ مُّحْصِنِيْنَ غَيْرَ مُسٰفِحِيْنَ فَمَا اسْتَمْتَعْتُمْ بِهٖ مِنْهُنَّ فَاٰتُوْهُنَّ اُجُوْرَهُنَّ فَرِيْضَةً وَلَا جُنَاحَ عَلَيْكُمْ فِيْمَا تَرٰضَيْتُمْ بِهٖ مِنْ بَعْدِ الْفَرِيْضَةِ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ عَلِيْمًا حَكِيْمًا ﴿٢٥﴾

٢٥- ۽ (ٻيهرين ڪان) نڪاح واريون عورتون (بہ توهانتي حرام آهن) سواءِ انهن عورتن جي جيڪي توهانجي ملڪيت ۾ اچي وڃن. اهو الله توهانتي فرض ڪيو آهي ۽ جيڪي انهن (مٿي بيان ڪيل عورتن) کانسواءِ هجن اهي توهانجي لاءِ (نڪاح ڪانپوءِ) حلال آهن (يعني اهڙيءَ طرح سان) جو توهان پنهنجي مالن جي ذريعي (انهن کي) طلب ڪيو بشرطيڪہ توهان شادي ڪرڻ وارا هجو زنا ڪرڻ وارا نہ هجو. پوءِ (اهو شرط بہ آهي تہ) جيڪڏهين توهان انهن مان نفعو ورتو هجي تہ توهان انهن کي انهنجو مهر وعدي ڪيل مقدار موجب ادا ڪيو ۽ (مهر) مقرر ٿي وڃڻ ڪانپوءِ جنهن (ڪمي بيشي) تي توهان پاڻ ۾ راضي ٿي وڃو انهيءَ جي متعلق توهان کي ڪوبہ گناهہ نہ ٿيندو. الله يقينن ڏاڍو ڄاڻڻ وارو (۽) حڪمت وارو آهي.

وَمَنْ لَّمْ يَسْتَطِعْ مِنْكُمْ طَوْلًا اَنْ يَّنْكِحَ الْمُحْصَنٰتِ

٢٦- ۽ جيڪو (بہ) توهان مان آزاد مومن

الْمُؤْمِنٰتِ فَمِنْ مَّا مَلَكَتْ اَيْمَانُكُمْ مِّنْ فَتَيٰتِكُمُ الْمُؤْمِنٰتِ وَ اللّٰهُ اَعْلَمُ بِاِيْمَانِكُمْ بَعْضُكُمْ مِّنْ بَعْضٍ فَانْكِحُوْهُنَّ بِاِذْنِ اَهْلِهِنَّ وَ اٰتُوْهُنَّ اُجُوْرَهُنَّ بِالْمَعْرُوْفِ مُحْصَنٰتٍ غَيْرَ مُسٰفِحٰتٍ وَّلَا مُتَّخِذٰتِ اَخْدَانٍ فَاِذَآ اُحْصِنَّ فَاِنْ اَتَيْنَ بِفَاحِشَةٍ فَعَلَيْهِنَّ نِصْفُ مَا عَلَى الْمُحْصَنٰتِ مِنَ الْعَذَابِ ذٰلِكَ لِمَنْ خَشِيَ الْعَنَتَ مِنْكُمْ وَ اَنْ تَصْبِرُوْا خَيْرٌ لَّكُمْ وَ اللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿٢٥﴾ ع

عورتن سان شادي ڪرڻ جي بلڪل طاقت نہ رکندو هجي (اهو) توهانجن غلام (عورتن) يعني توهانجي مومن ٻانهين مان ڪنهن سان نڪاح ڪري. ۽ الله توهانجي ايمان کي سڀ کان وڌيڪ ڄاڻي ٿو. توهان هڪ ٻئي سان (تعلق رکو) ٿا. پوءِ انهن سان انهنجي مالڪن جي اجازت سان نڪاح ڪيو ۽ انهن جا مهر جڏهين تہ اهي پاڪباز هجن نہ زنا ڪار ۽ نہ ڳجها دوست رکڻ واريون انهن کي دستور مطابق ادا ڪيو. پوءِ جڏهين اهي نڪاح ۾ اچي وڃن تہ جي ڪڏهين اهي ڪنهن قسم جي بي حيائي جون مرتڪب ٿين تہ انهن جي سزا آزاد عورتن جي نسبت اڌ هوندي. هي (اجازت) انهيءَ جي لاءِ آهي جيڪو توهان مان گناهہ کان ڊڄندو هجي ۽ توهانجو صبر ڪرڻ توهانجي لاءِ بهتر آهي. ۽ الله ڍاڍو بخشڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي.

يُرِيْدُ اللّٰهُ لِيُبَيِّنَ لَكُمْ وَ يَهْدِيَكُمْ سُنَنَ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِكُمْ وَيَتُوْبَ عَلَيْكُمْ وَ اللّٰهُ عَلِيْمٌ حَكِيْمٌ ﴿٢٦﴾

٢٧. الله چاهيٿو تہ جيڪي ماڻهو توهان کان ٻهرين (گذريا) آهن انهن جا طريقا توهان جي لاءِ بيان ڪري ۽ (انهن ڏانهن) توهانجي رهنمائي ڪري ۽ توهانتي شفقت ڪري ۽ الله ڏاڍو ڄاڻڻ وارو (۽) حڪمت وارو آهي.

وَاللّٰهُ يُرِيْدُ اَنْ يَّتُوْبَ عَلَيْكُمْ وَ يُرِيْدُ الَّذِيْنَ يَتَّبِعُوْنَ الشَّهَوٰتِ اَنْ تَمِيْلُوْا مَيْلًا عَظِيْمًا ﴿٢٧﴾

٢٨. ۽ الله تہ (اهو) چاهيٿو تہ توهان تي شفقت ڪري ۽ جيڪي ماڻهو برين خواهشن جي پٺيان پون ٿا اهي چاهين ٿا تہ توهان (بديءَ ڏانهن) بلڪل جهڪي وڃو.

يُرِيْدُ اللّٰهُ اَنْ يُّخَفِّفَ عَنْكُمْ وَخُلِقَ الْاِنْسَانُ ضَعِيْفًا ﴿٢٨﴾

٢٩. الله گهري ٿو تہ توهان تان (بوجو) هلڪو ڪري ۽ انسان کي ڪمزور پيدا ڪيو ويو آهي.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَاْكُلُوْٓا اَمْوَالَكُمْ بَيْنَكُمْ بِالْبَاطِلِ اِلَّآ اَنْ تَكُوْنَ تِجَارَةً عَنْ تَرَاضٍ مِّنْكُمْ ۣ وَلَا تَقْتُلُوْٓا اَنْفُسَكُمْ ۭ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ بِكُمْ رَحِيْمًا ﴿٢٩﴾

٣٠. اي ايماندارو! توهان پاڻ ۾ ناجائز طور تي پنهنجا مال نہ کائو. ها اهو جائز آهي تہ (مال جو حاصل ڪرڻ) پاڻ ۾ رضامندي سان تجارت جي ذريعي هجي ۽ توهان پنهنجي پاڻ کي قتل نہ ڪيو. الله يقينن توهان تي بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي.

وَمَنْ يَّفْعَلْ ذٰلِكَ عُدْوَانًا وَّظُلْمًا فَسَوْفَ نُصْلِيْهِ نَارًا ۭ وَكَانَ ذٰلِكَ عَلَى اللّٰهِ يَسِيْرًا ﴿٣٠﴾

٣١. ۽ جيڪو (شخص بہ) اهو (يعني ٻئي جو مال کائڻ) زيادتي ۽ ظلم جي عادت جي سببان ڪندو انهيءَ کي اسان ضرور باهہ ۾ وجهنداسين ۽ اها (ڳالهہ) الله جي لا ۽ آسان آهي.

اِنْ تَجْتَنِبُوْا كَبَاۗىِٕرَ مَا تُنْهَوْنَ عَنْهُ نُكَفِّرْ عَنْكُمْ سَيِّاٰتِكُمْ وَنُدْخِلْكُمْ مُّدْخَلًا كَرِيْمًا ﴿٣١﴾

٣٢. جن (ڳالهين) کان توهانکي روڪيو ويو ٿو جيڪڏهين انهن مان وڏين (وڏين ڳالهين) کان توهان پري رهو تہ اسان توهان کان توهانجا عيب ٽاري ڇڏينداسين ۽ توهان کي عزت ڀري جڳهہ ۾ داخل ڪنداسين.

وَلَا تَتَمَنَّوْا مَا فَضَّلَ اللّٰهُ بِهٖ بَعْضَكُمْ عَلٰي بَعْضٍ ۭ لِلرِّجَالِ نَصِيْبٌ مِّمَّا اكْتَسَبُوْا ۭ وَلِلنِّسَاۗءِ نَصِيْبٌ مِّمَّا اكْتَسَبْنَ ۭ وَسْــَٔـلُوا اللّٰهَ مِنْ فَضْلِهٖ ۭ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمًا ﴿٣٢﴾

٣٣. ۽ جنهن (شي جي ذريعي) الله توهان مان ڪن کي ڪن (ٻين) تي فضيلت ڏني آهي انهيءَ جي خواهش نہ ڪيو. جيڪي ڪجهہ مردن ڪمايو آهي انهيءَ مان انهنجو حصو آهي ۽ جيڪي ڪجهہ عورتن ڪمايو آهي انهيءَ مان انهن جو حصو آهي ۽ توهان الله (ئي) کان انهيءَ جي فضل جو حصو گهرو. الله هر هڪ شي کي يقينن ڄاڻڻ وارو آهي.

وَلِكُلٍّ جَعَلْنَا مَوَالِيَ مِمَّا تَرَكَ الْوَالِدٰنِ وَالْاَقْرَبُوْنَ ۭ وَالَّذِيْنَ عَقَدَتْ اَيْمَانُكُمْ فَاٰتُوْھُمْ نَصِيْبَھُمْ ۭ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ عَلٰي كُلِّ شَيْءٍ شَهِيْدًا ﴿٣٣﴾ ع ٥

٣٤. ۽ هر هڪ (شخص) جي لاءِ اسان انهيءَ جي ترڪي جي متعلق وارث مقرر ڪري ڇڏيا آهن (اهي وارث) ماءُ پيءُ ۽ ويجهڙا رشتيدار (آهن) ۽ اهي (بہ) جن سان توهان پڪا اقرار ڪيا آهن (يعني زالون يا خاوند) سو

انهن کي بہ سندن مقرر ڪيل حصو ڏيو ۽ الله هر هڪ ڳالهہ تي يقينن نگران آهي.

اَلرِّجَالُ قَوّٰمُوْنَ عَلَى النِّسَآءِ بِمَا فَضَّلَ اللّٰهُ بَعْضَهُمْ
عَلٰى بَعْضٍ وَّ بِمَآ اَنْفَقُوْا مِنْ اَمْوَالِهِمْ ۭ فَالصّٰلِحٰتُ
قٰنِتٰتٌ حٰفِظٰتٌ لِّلْغَيْبِ بِمَا حَفِظَ اللّٰهُ ۭ وَالّٰتِيْ تَخَافُوْنَ
نُشُوْزَهُنَّ فَعِظُوْهُنَّ وَاهْجُرُوْهُنَّ فِي الْمَضَاجِعِ
وَاضْرِبُوْهُنَّ ۚ فَاِنْ اَطَعْنَكُمْ فَلَا تَبْغُوْا عَلَيْهِنَّ
سَبِيْلًا ۭ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ عَلِيًّا كَبِيْرًا ﴿٣٤﴾

٣٥- مرد عورتن تي انهيءَ فضيلت جي سببان جيڪا الله انهن مان ڪن کي ٻين تي ڏني آهي ۽ انهيءَ سبب ڪان جو اهي پنهنجي مالن مان (عورتن تي) خرچ ڪري چڪا آهن نگران (قرار ڏنا ويا) آهن. پوءِ نيڪ عورتون فرمانبردار ۽ الله جي مدد سان ڳجهين ڳالهين جون محافظ هونديون آهن ۽ جن جي نافرمانيءَ جو توهانکي خوف هجي (توهان) انهن کي نصيحت ڪيو ۽ انهن کي خواب گاهن ۾ اڪيلو ڇڏي ڏيو. ۽ انهنکي مار ڏيو. پوءِ جيڪڏهين اهي توهانجي اطاعت ڪرڻ لڳن تہ انهن جي خلاف ڪو بهانو نہ تلاش ڪيو. الله يقينن تمام بلند (۽) وڏو آهي.

وَاِنْ خِفْتُمْ شِقَاقَ بَيْنِهِمَا فَابْعَثُوْا حَكَمًا مِّنْ
اَهْلِهٖ وَحَكَمًا مِّنْ اَهْلِهَا ۚ اِنْ يُّرِيْدَآ اِصْلَاحًا يُّوَفِّقِ
اللّٰهُ بَيْنَهُمَا ۭ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ عَلِيْمًا خَبِيْرًا ﴿٣٥﴾

٣٦- ۽ جيڪڏهين توهان کي انهن ٻنهي (يعني مڙس زال) جي هڪ ٻئي (جي تعلقات ۾) تفرقي جو خوف هجي تہ هڪ امين انهيءَ (يعني مرد) جي رشتيدارن مان ۽ هڪ امين انهيءَ (يعني عورت) جي رشتيدارن مان مقرر ڪيو (پوءِ) جيڪڏهين اهي ٻئي (امين) صلح ڪرائڻ چاهين تہ الله انهن ٻنهي (مڙس زال) جي وچ ۾ موافقت پيدا ڪري ڇڏيندو الله يقينن ڏاڍو ڄاڻڻ وارو (۽) خبردار آهي.

وَاعْبُدُوا اللّٰهَ وَلَا تُشْرِكُوْا بِهٖ شَيْـــًٔـا وَّبِالْوَالِدَيْنِ
اِحْسَانًا وَّبِذِي الْقُرْبٰى وَالْيَتٰمٰى وَالْمَسٰكِيْنِ وَالْجَارِ
ذِي الْقُرْبٰى وَالْجَارِ الْجُنُبِ وَالصَّاحِبِ بِالْجَنْۢبِ
وَابْنِ السَّبِيْلِ ۙ وَمَا مَلَكَتْ اَيْمَانُكُمْ ۭ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُحِبُّ
مَنْ كَانَ مُخْتَالًا فَخُوْرَا ۙ ﴿٣٦﴾

٣٧- ۽ توهان الله جي عبادت ڪيو ۽ ڪنهن شي کي انهيءَ جو شريڪ نہ بنايو ۽ والدين سان (گهڻو) احسان (ڪيو) ۽ (پڻ) رشتيدارن ۽ يتيمن ۽ مسڪينن سان ۽ (اهڙيءَ طرح) رشتيدار پاڙيسرين ۽ بي تعلق پاڙيسرين ۽ پاڙي (۾ وهڻ) وارن ماڻهن ۽ مسافرن ۽ جن جا توهان مالڪ آهيو (انهن

سان ٻـه) (۽) جيڪي متڪبر ۽ غرور وارا آهن انهنکي الله هرگز پسند نـه ٿو ڪري.

الَّذِينَ يَبْخَلُونَ وَيَأْمُرُونَ النَّاسَ بِالْبُخْلِ وَيَكْتُمُونَ مَآ آتَاهُمُ اللَّهُ مِن فَضْلِهِ ۗ وَأَعْتَدْنَا لِلْكَافِرِينَ عَذَابًا مُّهِينًا ﴿٣٧﴾

٣٨- جيڪي (خود ٻـه) ڪنجوسي ڪن ٿا ۽ (ٻين) ماڻهن کي (ٻـه) ڪنجوسي ڪرڻ جي هدايت ڪن ٿا ۽ جيڪي ڪجهه الله پنهنجي فضل سان انهن کي ڏنو آهي انهيءَ کي لڪائين ٿا ۽ اسان ڪافرن جي لاءِ ذليل ڪرڻ وارو عذاب تيار ڪيو آهي.

وَالَّذِينَ يُنفِقُونَ أَمْوَالَهُمْ رِئَآءَ النَّاسِ وَلَا يُؤْمِنُونَ بِاللَّهِ وَلَا بِالْيَوْمِ الْآخِرِ ۗ وَمَن يَكُنِ الشَّيْطَانُ لَهُ قَرِينًا فَسَآءَ قَرِينًا ﴿٣٨﴾

٣٩- ۽ جيڪي ماڻهو پنهنجو مال ماڻهن کي ڏيکارڻ جي لاءِ خرچ ڪن ٿا ۽ نـه الله تي ايمان رکن ٿا ۽ نـه پوءِ اچڻ واري ڏينهن تي (انهن جي پڇاڙي خراب ٿيندي) ۽ جنهن (شخص) جو شيطان ساٿي هجي (اهو ياد رکي تـه) اهو ڏاڍو خراب ساٿي آهي.

وَمَاذَا عَلَيْهِمْ لَوْ آمَنُوا بِاللَّهِ وَالْيَوْمِ الْآخِرِ وَأَنفَقُوا مِمَّا رَزَقَهُمُ اللَّهُ ۚ وَكَانَ اللَّهُ بِهِمْ عَلِيمًا ﴿٣٩﴾

٤٠- ۽ انهن تي ڪهڙو (قهر ٿـيندو) هو جي ڪڏهين اهي الله تي ۽ پوءِ اچڻ واري ڏينهن تي ايمان آڻين ها ۽ جيڪي (ڪجهه) الله انهن کي ڏنو آهي انهيءَ مان (انهيءَ جي واٽ ۾) خرچ ڪن ها ۽ الله انهن جي متعلق ڏاڍو علم رکي ٿو.

إِنَّ اللَّهَ لَا يَظْلِمُ مِثْقَالَ ذَرَّةٍ ۖ وَإِن تَكُ حَسَنَةً يُضَاعِفْهَا وَيُؤْتِ مِن لَّدُنْهُ أَجْرًا عَظِيمًا ﴿٤٠﴾

٤١- الله هرگز هڪ ذري برابر ٻـه ظلم نـه ڪندو ۽ جيڪڏهين (ڪنهن جي) ڪا نيڪي هوندي تـه انهيءَ کي وڌائيندو ۽ پاڻ وٽان (ٻـه) تمام وڏو اجر ڏيندو.

فَكَيْفَ إِذَا جِئْنَا مِن كُلِّ أُمَّةٍ بِشَهِيدٍ وَجِئْنَا بِكَ عَلَىٰ هَٰٓؤُلَآءِ شَهِيدًا ﴿٤١﴾

ا بكاء النبي عليه السلام

٤٢- ۽ انهن جو ڪهڙو حال ٿيندو جڏهين اسان هر هڪ جماعت مان هڪ شاهد آڻينداسين ۽ توکي انهن ماڻهن جي متعلق (بطور) شاهد آڻينداسين.

يَوْمَئِذٍ يَوَدُّ الَّذِينَ كَفَرُوا وَعَصَوُا الرَّسُولَ لَوْ تُسَوَّىٰ

٤٣- انهيءَ ڏينهن جن ڪفر ڪيو آهي ۽ (انهيءَ) رسول جي نافرماني ڪئي آهي

بِهِمُ الْاَرْضُ وَلَا يَكْتُمُوْنَ اللّٰهَ حَدِيْثًا ﴿٤٢﴾ ع ٦

خواهش كندا تہ (ڪاش) انهن كي زمين ۾ دفن ڪيو وڃي ها ۽ اهي الله كان بہ ڳالهہ لڪائي نہ سگهندا.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَقْرَبُوا الصَّلٰوةَ وَاَنْتُمْ سُكٰرٰى حَتّٰى تَعْلَمُوْا مَا تَقُوْلُوْنَ وَلَا جُنُبًا اِلَّا عَابِرِيْ سَبِيْلٍ حَتّٰى تَغْتَسِلُوْا وَاِنْ كُنْتُمْ مَّرْضٰٓى اَوْ عَلٰى سَفَرٍ اَوْ جَآءَ اَحَدٌ مِّنْكُمْ مِّنَ الْغَآئِطِ اَوْ لٰمَسْتُمُ النِّسَآءَ فَلَمْ تَجِدُوْا مَآءً فَتَيَمَّمُوْا صَعِيْدًا طَيِّبًا فَامْسَحُوْا بِوُجُوْهِكُمْ وَاَيْدِيْكُمْ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ عَفُوًّا غَفُوْرًا ﴿٤٣﴾

٤٤. اي ايماندارو! جيستائين اوهان پنهنجي هوش ۾ نہ آهيو نماز جي ويجهو نہ وڃو. انهيءَ وقت تائين جو توهان جيڪي (ڪجهہ) چئي رهيا آهيو اهو سمجهڻ (نہ) لڳو ۽ نہ ئي مٿي ميري هئڻ جي حالت ۾ (نماز جي ويجهو وڃو) جيستائين وهنجي (نہ) وٺو. سواءِ انهيءَ جي جو توهان رستي تي هلي رهيا هجو. ۽ جيڪڏهن توهان مريض آهيو يا سفر تي آهيو( ۽ توهان مٿي ميرا آهيو تہ تيمم ڪري وٺندا ڪريو) يا توهان مان ڪو جاءِ ضرور کان آيو هجي (۽ توهان کي پاڻي نہ ملي) ۽ توهان عورتن سان هم صحبت بہ ٿي چڪا هجو (يعني مٿي ميرا هجو) ۽ توهان کي پاڻي نہ ملي تہ پاڪ مٽيءَ جو ارادو ڪيو (يعني تيمم ڪيو) پوءِ (توهان انهن مٽيءَ وارن هٿن کي) پنهنجي مُنهن ۽ هٿن تي مليو. الله يقينً ڏاڍو معاف ڪرڻ وارو (۽) ڏاڍو بخشڻ وارو آهي.

اَلَمْ تَرَ اِلَى الَّذِيْنَ اُوْتُوْا نَصِيْبًا مِّنَ الْكِتٰبِ يَشْتَرُوْنَ الضَّلٰلَةَ وَيُرِيْدُوْنَ اَنْ تَضِلُّوا السَّبِيْلَ ﴿٤٤﴾

٤٥. ڇا توکي انهن ماڻهن جو حال معلوم ڪونهي جنکي ڪتاب (الاهي) مان ڪجهہ حصو ڏنو ويو هو جو اهي گمراهيءَ کي اختيار ڪري رهيا آهن ۽ چاهين ٿا تہ توهان (بہ اصل) رستي کان ڀٽڪي وڃو.

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ بِاَعْدَآئِكُمْ وَكَفٰى بِاللّٰهِ وَلِيًّا وَّكَفٰى بِاللّٰهِ نَصِيْرًا ﴿٤٥﴾

٤٦. ۽ الله توهانجن دشمنن کي (توهان کان) وڌيڪ ڄاڻي ٿو ۽ الله دوستيءَ لاءِ ڪافي آهي ۽ الله مددگار هئڻ جي لحاظ کان بہ

كافي آهي.

مِنَ الَّذِيْنَ هَادُوْا يُحَرِّفُوْنَ الْكَلِمَ عَنْ مَّوَاضِعِهٖ وَيَقُوْلُوْنَ سَمِعْنَا وَعَصَيْنَا وَاسْمَعْ غَيْرَ مُسْمَعٍ وَّ رَاعِنَا لَيًّا بِاَلْسِنَتِهِمْ وَطَعْنًا فِي الدِّيْنِ ؕ وَلَوْ اَنَّهُمْ قَالُوْا سَمِعْنَا وَاَطَعْنَا وَاسْمَعْ وَانْظُرْنَا لَكَانَ خَيْرًا لَّهُمْ وَاَقْوَمَ ۙ وَلٰكِنْ لَّعَنَهُمُ اللّٰهُ بِكُفْرِهِمْ فَلَا يُؤْمِنُوْنَ اِلَّا قَلِيْلًا ﴿۴۶﴾

٤٦. جيڪي ماڻهو يهودي آهن انهن مان ڪي (خدا جي) ڳالهين کي انهن جي جڳهه کان ادل بدل ڪري ٿا ڇڏين ۽ چون ٿا تہ اسان ٻڌو ۽ باوجود انهيءَ جي اسان نافرماني ڪئي ۽ (چون ٿا تہ) تون اسانجون ڳالهيون ٻڌ (خدا جو ڪلام) توکي ڪڏهين نہ ٻڌايو وڃي ۽ اسانجو لحاظ ڪر (اها ڳالهہ) پنهنجي زبانن سان ڳالهائيندي ۽ دين ۾ طعني بازي ڪندي (چون ٿا) ۽ جيڪڏهين اهي هينءَ چون ها تہ اسان ٻڌو ۽ اسان مڃيو ۽ (چون ها تہ) ٻڌ ۽ اسانتي (رحمت جي) نظر ڪر تہ انهنجي لاءِ بهتر ۽ وڌيڪ درستيءَ جو موجب هجي ها (پر اهي انهيءَ کان نہ صرف محروم رهيا) پر الله انهنجي ڪفر جي سببان انهن تي لعنت ڪئي انهيءَ ڪري اهي ايمان نہ ٿا آڻين.

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ اٰمِنُوْا بِمَا نَزَّلْنَا مُصَدِّقًا لِّمَا مَعَكُمْ مِّنْ قَبْلِ اَنْ نَّطْمِسَ وُجُوْهًا فَنَرُدَّهَا عَلٰۤى اَدْبَارِهَاۤ اَوْ نَلْعَنَهُمْ كَمَا لَعَنَّاۤ اَصْحٰبَ السَّبْتِ ؕ وَكَانَ اَمْرُ اللّٰهِ مَفْعُوْلًا ﴿۴۷﴾

٤٨. اي انسانو! جنکي ڪتاب (الاهي) ڏنو ويو هو انهيءَ (ڪتاب) تي جنهن کي اسان (هاڻي) لاٿو آهي جيڪو انهيءَ (ڪلام الاهي) کي پورو ڪرڻ وارو آهي جيڪو توهان وٽ (پهرئين کان موجود) آهي انهيءَ کان پهريائين ايمان آڻيو جو اسان توهان مان وڏن ماڻهن کي ماري ڇڏيون ۽ انهنکي پٺين پر ڦيرائي ڇڏيون يا جهڙيءَ طرح اسان سبت وارن تي لعنت ڪئي هئي اهڙيءَ طرح انهن تي (بہ) لعنت ڪيون ۽ الله جي ڳالهہ (ضرور پوري) ٿي رهندي.

اِنَّ اللّٰهَ لَا يَغْفِرُ اَنْ يُّشْرَكَ بِهٖ وَيَغْفِرُ مَا دُوْنَ

٤٩. الله (انهيءَ ڳالهہ کي) هرگز معاف نہ ڪندو جو (ڪنهن کي) سندس شريڪ قرار

ذٰلِكَ لِمَنْ يَّشَآءُ ۚ وَمَنْ يُّشْرِكْ بِاللّٰهِ فَقَدِ افْتَرٰٓى اِثْمًا عَظِيْمًا ﴿۴۹﴾

ڏنو وڃي ۽ جيڪو (گناھہ) انھيءَ کان ادنيٰ ھجي انھيءَ کي جنھن جي حق ۾ گھرندو معاف ڪري ڇڏيندو ۽ جنھن الله سان (ڪنھن کي) شريڪ قرار ڏنو ھجي تہ (سمجھو تہ) ھن (تمام) وڏي بديءَ (جي ڳالھہ) بنائي.

اَلَمْ تَرَ اِلَى الَّذِيْنَ يُزَكُّوْنَ اَنْفُسَهُمْ ۭ بَلِ اللّٰهُ يُزَكِّيْ مَنْ يَّشَآءُ وَلَا يُظْلَمُوْنَ فَتِيْلًا ﴿۵۰﴾

٥٠. چا توکي انھن ماڻھن جو حال معلوم ڪونھي جيڪي پنھنجي پاڻ کي پاڪ قرار ڏين ٿا. (انھن جو اھو حق ڪونھي) پر الله جنھنکي پسند ڪريٿو انھيءَ کي پاڪ قرار ڏئي ٿو ۽ (انھيءَ تي) ڪجورن جي ڪڪڙيءَ جي ليڪ برابر بہ ظلم نہ ڪيو ويندو.

اُنْظُرْ كَيْفَ يَفْتَرُوْنَ عَلَى اللّٰهِ الْكَذِبَ ۭ وَكَفٰى بِهٖٓ اِثْمًا مُّبِيْنًا ﴿۵۱﴾ ع۷

٥١. ڏس! اھي ڪيئن الله تي ڪوڙ ھڻي رھيا آھن ۽ اھا (ڳالھہ) ڪافي (طور تي) ظاھر (ظھور) گناھہ آھي.

اَلَمْ تَرَ اِلَى الَّذِيْنَ اُوْتُوْا نَصِيْبًا مِّنَ الْكِتٰبِ يُؤْمِنُوْنَ بِالْجِبْتِ وَالطَّاغُوْتِ وَيَقُوْلُوْنَ لِلَّذِيْنَ كَفَرُوْا هٰٓؤُلَاۗءِ اَهْدٰى مِنَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا سَبِيْلًا ﴿۵۲﴾

٥٢. چا توکي انھن ماڻھن جو حال معلوم ڪونھي جنکي ڪتاب (الاھي) مان ڪجھہ حصو ڏنو ويو ھو (تہ) اھي بي فائدي (ڳالھين) ۽ حد کان وڌي وڃڻ وارن تي ايمان رکن ٿا ۽ ڪافرن جي متعلق چون ٿا تہ ھي ماڻھو مومنن جي نسبت وڌيڪ ھدايت يافتہ آھن.

اُولٰۗىِٕكَ الَّذِيْنَ لَعَنَهُمُ اللّٰهُ ۭ وَمَنْ يَّلْعَنِ اللّٰهُ فَلَنْ تَجِدَ لَهٗ نَصِيْرًا ﴿۵۳﴾

٥٣. ھي اھي ماڻھو آھن جن تي الله لعنت ڪئي آھي ۽ جنھن تي الله لعنت ڪري تون انھيءَ جا مددگار ھرگز (ڪنھن کي بہ) نہ لھندين.

اَمْ لَهُمْ نَصِيْبٌ مِّنَ الْمُلْكِ فَاِذًا لَّا يُؤْتُوْنَ النَّاسَ نَقِيْرًا ﴿۵۴﴾

٥٤. چا انھنجو حڪومت ۾ ڪو حصو آھي؟ تڏھين تہ اھي ماڻھن کي ڪجھيءَ جي ڪڪڙيءَ جي سوراخ جي برابر بہ نہ ڏيندا.

اَمْ يَحْسُدُوْنَ النَّاسَ عَلٰى مَآ اٰتٰىهُمُ اللّٰهُ مِنْ فَضْلِهٖ ۚ فَقَدْ اٰتَيْنَآ اٰلَ اِبْرٰهِيْمَ الْكِتٰبَ وَالْحِكْمَةَ وَاٰتَيْنٰهُمْ مُّلْكًا عَظِيْمًا ﴿٥٥﴾

٥٥۔ يا جيكي (كجهہ) الله پنهنجي فضل سان ماڻهن كي ڏنو آهي (ڇا) اهي انهيءَ جي بناءِ تي انهن سان حسد كن ٿا؟ (جيكڏهين اها ڳالهہ آهي) تہ اسان ابراهيم جي اولاد كي (بہ) كتاب ۽ حكمت ڏني هئي ۽ (پڻ) اسان انهنكي وڏي حكومت ڏني هئي.

فَمِنْهُمْ مَّنْ اٰمَنَ بِهٖ وَمِنْهُمْ مَّنْ صَدَّ عَنْهُ ۭ وَكَفٰى بِجَهَنَّمَ سَعِيْرًا ﴿٥٦﴾

٥٦۔ پوءِ انهن مان كن تہ انهيءَ (نئين كتاب) تي ايمان آندو ۽ كي انهن مان انهيءَ كان روكجي ويا ۽ جهنم گرميءَ ۾ تمام گهڻو آهي.

اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِاٰيٰتِنَا سَوْفَ نُصْلِيْهِمْ نَارًا ۭ كُلَّمَا نَضِجَتْ جُلُوْدُهُمْ بَدَّلْنٰهُمْ جُلُوْدًا غَيْرَهَا لِيَذُوْقُوا الْعَذَابَ ۭ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ عَزِيْزًا حَكِيْمًا ﴿٥٧﴾

٥٧۔ جن ماڻهن اسانجن آيتن جو انكار كيو آهي اسان جلدي (ئي) انهنكي باهہ ۾ وجهنداسين. جڏهين بہ انهن جون كلون ڳري ويندين ـ اسان هنن كي،انهن كان سواءِ ٻيون كلون بدلائي ڏينداسين (۽ اسان اهو) انهيءَ كري (كنداسين) انهيءَ لاءِ (تہ) هو عذاب (جو مزو) چكن.الله يقينن غالب (۽) حكمت وارو آهي.

وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ سَنُدْخِلُهُمْ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَآ اَبَدًا ۭ لَهُمْ فِيْهَآ اَزْوَاجٌ مُّطَهَّرَةٌ ۡ وَّنُدْخِلُهُمْ ظِلًّا ظَلِيْلًا ﴿٥٨﴾

٥٨۔ ۽ جن ماڻهن ايمان آندو آهي ۽ انهن نيك عمل كيا آهن انهن كي اسان ضرور اهڙن باغن ۾ داخل كنداسين جنجي هيٺان نهرون وهن ٿيون اهي هميشه انهن ۾ رهندا ايندا. انهن جي لاءِ انهن ۾ پاك زالون هونديون ۽ اسان انهنكي گهاٽي ڇانو ۾ رهڻ جي لاءِ داخل كنداسين.

اِنَّ اللّٰهَ يَاْمُرُكُمْ اَنْ تُؤَدُّوا الْاَمٰنٰتِ اِلٰٓى اَهْلِهَا ۙ وَاِذَا حَكَمْتُمْ بَيْنَ النَّاسِ اَنْ تَحْكُمُوْا بِالْعَدْلِ ۭ اِنَّ اللّٰهَ نِعِمَّا يَعِظُكُمْ بِهٖ ۭ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ سَمِيْعًا بَصِيْرًا ﴿٥٩﴾

٥٩۔ الله توهانكي يقينن (انهيءَ ڳالهہ جو) حكم ڏئي ٿو تہ توهان امانتون انهن جي مستحقن جي حوالي كيو (۽) (اهو تہ) جڏهين توهان ماڻهن جي وچ ۾ فيصلو كيو تہ عدل سان فيصلو كيو. الله جنهن ڳالهہ

جي توهان کي نصيحت ڪريٿو اها يقينن ڏاڍي سٺي آهي الله يقينن ڏاڍو ٻڌڻ وارو (۽) ڏسڻ وارو آهي.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اَطِيْعُوا اللّٰهَ وَاَطِيْعُوا الرَّسُوْلَ وَ اُولِي الْاَمْرِ مِنْكُمْ ۚ فَاِنْ تَنَازَعْتُمْ فِيْ شَيْءٍ فَرُدُّوْهُ اِلَى اللّٰهِ وَالرَّسُوْلِ اِنْ كُنْتُمْ تُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ ۭ ذٰلِكَ خَيْرٌ وَّاَحْسَنُ تَاْوِيْلًا ۝ ع ٨

٦٠. اي ايماندارو! الله جي اطاعت ڪيو ۽ رسول جي ۽ پنهنجن حڪمرانن جي بہ اطاعت ڪيو پوءِ جيڪڏهين توهان (حڪمرانن سان) ڪنهن امر ۾ اختلاف ڪيو تہ جيڪڏهين توهان الله ۽ بعد ۾ اچڻ واري ڏينهن تي ايمان رکو ٿا تہ انهيءَ کي الله ۽ رسول جي طرف موٽايو (۽ انهنجي حڪم جي روشنيءَ ۾ معاملا طيءِ ڪيو) هيءَ (ڳالهہ) بهتر ۽ پڇاڙيءَ جي لحاظ کان وڌيڪ سٺي آهي.

اَلَمْ تَرَ اِلَى الَّذِيْنَ يَزْعُمُوْنَ اَنَّهُمْ اٰمَنُوْا بِمَآ اُنْزِلَ اِلَيْكَ وَمَآ اُنْزِلَ مِنْ قَبْلِكَ يُرِيْدُوْنَ اَنْ يَّتَحَاكَمُوْٓا اِلَى الطَّاغُوْتِ وَقَدْ اُمِرُوْٓا اَنْ يَّكْفُرُوْا بِهٖ ۭ وَيُرِيْدُ الشَّيْطٰنُ اَنْ يُّضِلَّهُمْ ضَلٰلًۢا بَعِيْدًا ۝

٦١. ڇا تو انهن ماڻهن جو حال نہ ڏٺو آهي. جيڪي دعويٰ ڪن ٿا تہ جيڪي (ڪي) توتي نازل ڪيو ويو آهي ۽ (پڻ) جيڪو توکان پهرئين نازل ڪيو ويو هو انهن انهيءَ تي ايمان آندو آهي ۽ باوجود انهيءَ جي جو انهن کي حڪم ڏنو ويو هو تہ سرڪشن کان فيصلو نہ ڪرائين ۽ انهنجي چوڻ تي نہ هلن. اهي چاهين ٿا تہ انهن کان ئي فيصلو ڪرائين ڇو جو شيطان چاهيٿو تہ انهن کي خطرناڪ گمراهيءَ ۾ وجهي ڇڏي.

وَاِذَا قِيْلَ لَهُمْ تَعَالَوْا اِلٰى مَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ وَاِلَى الرَّسُوْلِ رَاَيْتَ الْمُنٰفِقِيْنَ يَصُدُّوْنَ عَنْكَ صُدُوْدًا ۝

٦٢. ۽ جڏهين انهنکي چيو وڃي ٿو تہ جيڪي ڪجهہ الله نازل ڪيو آهي انهيءَ ڏانهن ۽ رسول ڏانهن اچو. تہ تون منافقن کي ڏسين ٿو تہ اهي توکان بلڪل پوئتي هٽي وڃن ٿا.

فَكَيْفَ اِذَآ اَصَابَتْهُمْ مُّصِيْبَةٌۢ بِمَا قَدَّمَتْ اَيْدِيْهِمْ

٦٣. پوءِ (هيءَ) ڇو (ٿو ٿئي جو) جڏهين انهن تي انهن جي فعلن جي نتيجي ۾ ڪا

ثُمَّ جَآءُوْكَ يَحْلِفُوْنَ ۖ بِاللّٰهِ اِنْ اَرَدْنَآ اِلَّآ اِحْسَانًا وَّتَوْفِيْقًا ﴿٦٢﴾

مصيبت اچي ٿي تہ اهي (گهبرانجي وڃن ٿا ۽) تو وٽ الله جا قسم کڻندا اچن ٿا تہ اسان تہ صرف نيڪ سلوڪ ۽ صلح ڪرائڻ جو ارادو ڪيو هو.

اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ يَعْلَمُ اللّٰهُ مَا فِيْ قُلُوْبِهِمْ ۗ فَاَعْرِضْ عَنْهُمْ وَعِظْهُمْ وَقُلْ لَّهُمْ فِيْٓ اَنْفُسِهِمْ قَوْلًاۢ بَلِيْغًا ﴿٦٣﴾

٦٤- هي اهي ماڻهو آهن جو جيڪي (ڪي) انهن جي دلين ۾ آهي الله انهيءَ کي خوب ڄاڻي ٿو. پوءِ تون انهن کان پاسو ڪر. ۽ انهن کي نصيحت ڪر ۽ انهنکي انهن جي نفسن جي متعلق اثرائتي ڳالهہ چؤ.

وَمَآ اَرْسَلْنَا مِنْ رَّسُوْلٍ اِلَّا لِيُطَاعَ بِاِذْنِ اللّٰهِ ۗ وَلَوْ اَنَّهُمْ اِذْ ظَّلَمُوْٓا اَنْفُسَهُمْ جَآءُوْكَ فَاسْتَغْفَرُوا اللّٰهَ وَاسْتَغْفَرَ لَهُمُ الرَّسُوْلُ لَوَجَدُوا اللّٰهَ تَوَّابًا رَّحِيْمًا ﴿٦٤﴾

٦٥- ۽ اسان ڪو رسول (بہ) سواءِ انهيءَ غرض جي تہ الله جي حڪم سان انهيءَ جي اطاعت ڪئي وڃي نہ موڪليو ۽ جڏهين انهن پنهنجي جانين تي ظلم ڪيو هو - جيڪڏهين (انهيءَ وقت) اهي تو وٽ اچن ها ۽ الله کان بخشش گهرن ها ۽ رسول (بہ) انهن جي حق ۾ بخشش گهري ها تہ اهي ضرور الله کي ڏاڍي ٻاجهہ ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو لهن ها.

فَلَا وَرَبِّكَ لَا يُؤْمِنُوْنَ حَتّٰى يُحَكِّمُوْكَ فِيْمَا شَجَرَ بَيْنَهُمْ ثُمَّ لَا يَجِدُوْا فِيْٓ اَنْفُسِهِمْ حَرَجًا مِّمَّا قَضَيْتَ وَيُسَلِّمُوْا تَسْلِيْمًا ﴿٦٥﴾

٦٦- پوءِ تنهن جي رب جو قسم آهي تہ جيستائين اهي (ڪنهن) انهيءَ ڳالهہ ۾ جنهن جي باري ۾ انهن ۾ جهڳڙو ٿي وڃي، توکي حڪم نہ بڻائين (۽) پوءِ جيڪو فيصلو تون ڪرين انهيءَ کان پنهنجي نفسن ۾ ڪنهن بہ قسم جي تنگي محسوس نہ ڪن ۽ پوريءَ طرح فرمانبردار (نہ) ٿي وڃن. هرگز ايماندار نہ ٿيندا.

وَلَوْ اَنَّا كَتَبْنَا عَلَيْهِمْ اَنِ اقْتُلُوْٓا اَنْفُسَكُمْ اَوِ اخْرُجُوْا مِنْ دِيَارِكُمْ مَّا فَعَلُوْهُ اِلَّا قَلِيْلٌ مِّنْهُمْ ۗ وَلَوْ اَنَّهُمْ فَعَلُوْا مَا يُوْعَظُوْنَ بِهٖ لَكَانَ خَيْرًا لَّهُمْ وَاَشَدَّ

٦٧- ۽ جيڪڏهين اسان انهنکي (اهو) حڪم ڏيون ها تہ توهان پنهنجي پاڻ کي قتل ڪري ڇڏيو. يا هيءَ تہ پنهنجي گهرن کان نڪري وڃو تہ انهن مان ڪن ٿورن کان سواءِ

تَثْبِيْتًا ﴿٦٦﴾

(باقي) اهو (ڪم) نہ ڪن ها ۽ جيڪڏهين اهي جنهن (ڪم) جي انهن کي نصيحت ڪئي ٿي ويئي انهيءَ کي ڪن ها تہ انهن لاءِ بهتر ۽ زياده پختگيءَ جو سبب هجي ها.

وَّاِذًا لَّاٰتَيْنٰهُمْ مِّنْ لَّدُنَّآ اَجْرًا عَظِيْمًا ﴿٦٧﴾

٦٨. ۽ انهيءَ صورت ۾ اسان انهن کي يقينن پاڻ وٽان (تمام) وڏو بدلو ڏيون ها.

وَّلَهَدَيْنٰهُمْ صِرَاطًا مُّسْتَقِيْمًا ﴿٦٨﴾

٦٩. ۽ (پڻ) اسان انهنکي ضرور سڌو رستو ڏيکاريون ها.

وَمَنْ يُّطِعِ اللّٰهَ وَالرَّسُوْلَ فَاُولٰٓئِكَ مَعَ الَّذِيْنَ اَنْعَمَ اللّٰهُ عَلَيْهِمْ مِّنَ النَّبِيّٖنَ وَالصِّدِّيْقِيْنَ وَالشُّهَدَآءِ وَالصّٰلِحِيْنَ ۚ وَحَسُنَ اُولٰٓئِكَ رَفِيْقًا ﴿٦٩﴾

٧٠. ۽ جيڪي (ماڻهو بہ) الله ۽ انهيءَ جي رسول جي اطاعت ڪندا اهي انهن ماڻهن ۾ شامل هوندا! جن تي الله انعام ڪيو آهي يعني نبين ۽ صديقن ۽ شهيدن ۽ صالحن (۾) ۽ اهي ماڻهو (ڏاڍا) سٺا ساٿي آهن.

ذٰلِكَ الْفَضْلُ مِنَ اللّٰهِ ۭ وَكَفٰى بِاللّٰهِ عَلِيْمًا ﴿٧٠﴾ ع ٩

٧١. هيءَ فضل الله جي طرفان آهي ۽ الله ڏاڍو ڄاڻڻ وارو آهي.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا خُذُوْا حِذْرَكُمْ فَانْفِرُوْا ثُبَاتٍ اَوِ انْفِرُوْا جَمِيْعًا ﴿٧١﴾

٧٢. اي ايماندارو! پنهنجي بچاءَ (جو سامان هر وقت) تيار رکو ۽ (خواهہ) ننڍين جماعتن ۾ (گهرن کان) نڪرو يا وڏين جماعتن ۾ نڪرو (هميشه حفاظت جو سامان پاڻ سان رکو).

وَاِنَّ مِنْكُمْ لَمَنْ لَّيُبَطِّئَنَّ ۚ فَاِنْ اَصَابَتْكُمْ مُّصِيْبَةٌ قَالَ قَدْ اَنْعَمَ اللّٰهُ عَلَيَّ اِذْ لَمْ اَكُنْ مَّعَهُمْ شَهِيْدًا ﴿٧٢﴾

٧٣. ۽ توهان مان ڪي (ماڻهو) يقينن اهڙا (بہ هوندا) آهن جيڪي (هر ڪم جي موقعي تي) لازمن پوئتي رهن ٿا. ۽ جي ڪڏهين توهان تي ڪا مصيبت اچي تہ چون ٿا تہ الله مونتي احسان ڪيو آهي جو مان انهن سان گڏ حاضر نہ هوس.

وَلَئِنْ اَصَابَكُمْ فَضْلٌ مِّنَ اللّٰهِ لَيَقُوْلَنَّ كَاَنْ لَّمْ تَكُنْ بَيْنَكُمْ وَبَيْنَهٗ مَوَدَّةٌ يّٰلَيْتَنِيْ كُنْتُ مَعَهُمْ فَاَفُوْزَ فَوْزًا عَظِيْمًا ﴿٧٣﴾

٧٤. ۽ جيڪڏهين الله جي طرفان توهانکي ڪا فضل (جي ڳالهہ) پهچي ٿي تہ اهي لازمن چئي اٿن ٿا تہ ڪاش اسان (بہ) انهن سان هجون ها تہ (تمام) وڏي

ڪاميابي حاصل ڪيون ها. جڻ تہ انهن جي ۽ توهان جي وچ ۾ دوستيءَ وارو تعلق هئو ئي ڪونہ.

فَلْيُقَاتِلْ فِىْ سَبِيْلِ اللّٰهِ الَّذِيْنَ يَشْرُوْنَ الْحَيٰوةَ الدُّنْيَا بِالْاٰخِرَةِ ؕ وَمَنْ يُّقَاتِلْ فِىْ سَبِيْلِ اللّٰهِ فَيُقْتَلْ اَوْ يَغْلِبْ فَسَوْفَ نُؤْتِيْهِ اَجْرًا عَظِيْمًا ﴿٧٥﴾

٧٥ پوءِ جيڪي ماڻهو دنيوي زندگي ڇڏي آخرت کي اختيار ڪن ٿا. انهن کي الله جي راهہ ۾ جنگ ڪرڻ گهرجي ۽ جيڪو الله جي راهہ ۾ جنگ ڪري ۽ مارجي وڃي يا غالب اچي وڃي تہ انهيءَ کي اسان جلد (ئي تمام) وڏو اجر ڏينداسين.

وَمَا لَكُمْ لَا تُقَاتِلُوْنَ فِىْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَالْمُسْتَضْعَفِيْنَ مِنَ الرِّجَالِ وَالنِّسَآءِ وَالْوِلْدَانِ الَّذِيْنَ يَقُوْلُوْنَ رَبَّنَآ اَخْرِجْنَا مِنْ هٰذِهِ الْقَرْيَةِ الظَّالِمِ اَهْلُهَا ۚ وَاجْعَلْ لَّنَا مِنْ لَّدُنْكَ وَلِيًّا ۚ وَّاجْعَلْ لَّنَا مِنْ لَّدُنْكَ نَصِيْرًا ؕ ﴿٧٦﴾

٧٦ ۽ توهان کي ڇا (ٿي ويو) آهي جو توهان الله جي (راهہ ۾) ۽ انهن ڪمزور مردن ۽ عورتن ۽ ٻارن جي راهہ ۾ جنگ نہ ٿا ڪيو جيڪي چون ٿا تہ اي اسانجا رب! اسان کي هن ڳوٺ کان جنهن جي رهڻ وارا ظالم آهن ڪڍ ۽ پنهنجي حضور مان اسانجو ڪو دوست بنائي (موڪل) ۽ پنهنجي حضور مان (ڪنهن کي) اسانجو مددگار بنائي (ڪڙو ڪر).

اَلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا يُقَاتِلُوْنَ فِىْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ۚ وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا يُقَاتِلُوْنَ فِىْ سَبِيْلِ الطَّاغُوْتِ فَقَاتِلُوْٓا اَوْلِيَآءَ الشَّيْطٰنِ ۚ اِنَّ كَيْدَ الشَّيْطٰنِ كَانَ ضَعِيْفًا ﴿٧٧﴾ ع

٧٧ جيڪي ماڻهو مومن آهن اهي الله جي راهہ ۾ جنگ ڪن ٿا ۽ جيڪي ڪافر آهن اهي شيطان جي راهہ ۾ جنگ ڪن ٿا. تنهنڪري توهان شيطان جي دوستن سان جنگ ڪيو. شيطان جي تدبير ڪمزور (ٿيندي) آهي.

اَلَمْ تَرَ اِلَى الَّذِيْنَ قِيْلَ لَهُمْ كُفُّوْٓا اَيْدِيَكُمْ وَاَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ وَاٰتُوا الزَّكٰوةَ ۚ فَلَمَّا كُتِبَ عَلَيْهِمُ الْقِتَالُ اِذَا فَرِيْقٌ مِّنْهُمْ يَخْشَوْنَ النَّاسَ كَخَشْيَةِ اللّٰهِ اَوْ اَشَدَّ خَشْيَةً ۚ وَقَالُوْا رَبَّنَا لِمَ كَتَبْتَ عَلَيْنَا الْقِتَالَ ۚ لَوْلَآ اَخَّرْتَنَآ اِلٰٓى اَجَلٍ قَرِيْبٍ ؕ قُلْ مَتَاعُ

٧٨ ڇا توکي انهن ماڻهن جو حال معلوم ڪونهي جنکي چيو ويو هو تہ توهان پنهنجن هٿن کي روڪي رکو ۽ نماز قائم ڪيو ۽ زڪوات ڏيو (ليڪن اهي جنگ ڏانهن مائل هئا) جڏهين جنگ ڪرڻ انهن تي فرض ڪئي وئي تہ يڪدم انهن مان ڪجهہ ماڻهو

الدُّنْيَا قَلِيْلٌ ۚ وَالْاٰخِرَةُ خَيْرٌ لِّمَنِ اتَّقٰى ۗ وَلَا تُظْلَمُوْنَ فَتِيْلًا ۝٧٨

ماڻهن کان اهڙيءَ طرح ڊڄڻ لڳا جهڙيءَ طرح خدا کان ڊڄڻ گهرجي پر انهيءَ کان به وڌيڪ ۽ چوڻ لڳا ته اي اسانجا رب! تو اسانتي جنگ ڪرڻ ڇو فرض ڪئي آهي ڇو نه تو ڪجهه دير جي لاءِ اسانکي (اجا) ڍر ڏني - تون چؤ (ته) دنيا جو فائدو حقير آهي ۽ جيڪو تقويٰ اختيار ڪري انهيءَ جي لاءِ پوءِ اچڻ واري (زندگي) بهتر آهي ۽ توهان تي کجيءَ جي ڪکڙيءَ جي اندرين ليڪ جي برابر (به) ظلم نه ڪيو ويندو.

اَيْنَ مَا تَكُوْنُوْا يُدْرِكْكُّمُ الْمَوْتُ وَلَوْ كُنْتُمْ فِيْ بُرُوْجٍ مُّشَيَّدَةٍ ۗ وَاِنْ تُصِبْهُمْ حَسَنَةٌ يَّقُوْلُوْا هٰذِهٖ مِنْ عِنْدِ اللّٰهِ ۚ وَاِنْ تُصِبْهُمْ سَيِّئَةٌ يَّقُوْلُوْا هٰذِهٖ مِنْ عِنْدِكَ ۗ قُلْ كُلٌّ مِّنْ عِنْدِ اللّٰهِ ۗ فَمَالِ هٰٓؤُلَآءِ الْقَوْمِ لَا يَكَادُوْنَ يَفْقَهُوْنَ حَدِيْثًا ۝٧٩

٧٩. توهان جتي به هوندو، موت توهان کي اچي پڪڙيندو خواهه توهان مضبوط قلعن ۾ (ئي ڪٿي ڇونه) هجو ۽ جيڪڏهين انهن (يعني منٽي ذڪر ڪيل ماڻهن کي) ڪا ڀلائي پهچي ٿي ته چون ٿا ته هيءَ الله جي طرفان آهي ۽ جيڪڏهن ڪا مدائي پهچي ٿي ته چون ٿا ته هيءَ تنهنجي طرفان آهي تون چؤ (ته) سڀ (ڪجهه) الله (ئي) جي طرف کان آهي. پوءِ انهن ماڻهن کي ڇاٿي ويو آهي جو ڪنهن به ڳالهه کي سمجهڻ جي ويجهو (به) نٿا وڃن.

مَآ اَصَابَكَ مِنْ حَسَنَةٍ فَمِنَ اللّٰهِ ۫ وَمَآ اَصَابَكَ مِنْ سَيِّئَةٍ فَمِنْ نَّفْسِكَ ۗ وَاَرْسَلْنٰكَ لِلنَّاسِ رَسُوْلًا ۗ وَكَفٰى بِاللّٰهِ شَهِيْدًا ۝٨٠

٨٠. جيڪا ڀلائي توکي پهچي اها ته الله جي طرفان آهي ۽ جيڪا مدائي توکي پهچي اها تنهنجي پنهنجي طرفان آهي ۽ اسان توکي ماڻهن لاءِ رسول بنائي موڪليو آهي ۽ الله ڏاڍو سٺو شاهد آهي.

مَنْ يُّطِعِ الرَّسُوْلَ فَقَدْ اَطَاعَ اللّٰهَ ۚ وَمَنْ تَوَلّٰى فَمَآ اَرْسَلْنٰكَ عَلَيْهِمْ حَفِيْظًا ۝٨١

٨١. جيڪو رسول جي اطاعت ڪري (ته سمجهو ته) انهيءَ الله جي اطاعت ڪئي ۽ جيڪي ماڻهو پٺ ڦيرائي ويا ته (ياد رکو ته) اسان توکي انهن تي نگهبان بنائي نه موڪليو آهي.

وَيَقُوْلُوْنَ طَاعَةٌ ۡ فَاِذَا بَرَزُوْا مِنْ عِنْدِكَ بَيَّتَ طَآئِفَةٌ مِّنْهُمْ غَيْرَ الَّذِيْ تَقُوْلُ ۚ وَاللّٰهُ يَكْتُبُ مَا يُبَيِّتُوْنَ ۚ فَاَعْرِضْ عَنْهُمْ وَتَوَكَّلْ عَلَى اللّٰهِ ۚ وَكَفٰى بِاللّٰهِ وَكِيْلًا ﴿٨٢﴾

٨٢. ۽ اهي چون ٿا (تہ اسانجو ڪم تہ) فرمان برداري (آهي) پوءِ جڏهين تو وٽان هليا وڃن ٿا تہ انهن مان هڪ گروهہ جيڪي ڪي تون چئين ٿو انهيءَ جي مخالف تدبيرون ڪري ٿو. ۽ جيڪي تدبيرون اهي ڪن ٿا الله انهنکي محفوظ ڪندو وڃي ٿو تنهنڪري تون انهن کان پاسو ڪر ۽ الله تي ڀروسو رک ۽ الله ڪانپوءِ ڪنهن ٻئي ڪارساز جي ضرورت نہ آهي.

اَفَلَا يَتَدَبَّرُوْنَ الْقُرْاٰنَ ۚ وَلَوْ كَانَ مِنْ عِنْدِ غَيْرِ اللّٰهِ لَوَجَدُوْا فِيْهِ اخْتِلَافًا كَثِيْرًا ﴿٨٣﴾

٨٣. پوءِ ڇا اهي (ماڻهو ) قرآن تي غور نہ ٿا ڪن ۽ (نٿا سمجهن تہ) جيڪڏهين اهو الله کان سواءِ (ڪنهن ٻئي) جي طرفان هجي ها تہ اهي يقينن انهيءَ ۾ ڏاڍو اختلاف لهن ها.

وَاِذَا جَآءَهُمْ اَمْرٌ مِّنَ الْاَمْنِ اَوِ الْخَوْفِ اَذَاعُوْا بِهٖ ۚ وَلَوْ رَدُّوْهُ اِلَى الرَّسُوْلِ وَاِلٰٓى اُولِي الْاَمْرِ مِنْهُمْ لَعَلِمَهُ الَّذِيْنَ يَسْتَنْۢبِطُوْنَهٗ مِنْهُمْ ۚ وَلَوْلَا فَضْلُ اللّٰهِ عَلَيْكُمْ وَرَحْمَتُهٗ لَاتَّبَعْتُمُ الشَّيْطٰنَ اِلَّا قَلِيْلًا ﴿٨٤﴾

٨٤. ۽ جڏهن (بہ) انهن وٽ امن (جي) يا خوف جي ڪا ڳالهہ پهچي ٿي تہ اهي انهيءَ کي مشهور ڪري ڇڏين ٿا ۽ جيڪڏهين اهي انهيءَ کي رسول ڏانهن ۽ پنهنجن حاڪمن ڏانهن ڪٽي وڃن ها تہ انهن مان جيڪي (ماڻهو ) انهيءَ (يعني مقرر ڳالهہ جي اصليت) کي معلوم ڪري ڇڏين ٿا انهيءَ (جي حقيقت) کي لهي وٺن ها ۽ جيڪڏهين توهانتي الله جو فضل ۽ انهيءَ جي (رحمت نہ هجي ها تہ ٿورڙن کان سواءِ (باقي ماڻهو ) شيطان جي پويان لڳي پون ها.

فَقَاتِلْ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ۚ لَا تُكَلَّفُ اِلَّا نَفْسَكَ وَحَرِّضِ الْمُؤْمِنِيْنَ ۚ عَسَى اللّٰهُ اَنْ يَّكُفَّ بَاْسَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا ۚ وَاللّٰهُ اَشَدُّ بَاْسًا وَّاَشَدُّ تَنْكِيْلًا ﴿٨٥﴾

٨٥. سو تون الله جي راهہ ۾ لڙائي ڪر. توکي پنهنجي نفس کانسواءِ (ڪنهن جو) ذميوار نہ ٿو ٺهرايو وڃي ۽ (تنهنجو ڪم صرف اهو آهي تہ) تون مومنن کي ترغيب

ذي. بلڪل ممڪن آهي جو الله ڪافرن جي جنگ کي روڪي ڇڏي ۽ الله جي جنگ (سيني ڪان) وڏيڪ سخت (هوندي) آهي ۽ انهيءَ جو عذاب (به) سڀ ڪان وڏيڪ سخت (هوندو) آهي.

مَنْ يَّشْفَعْ شَفَاعَةً حَسَنَةً يَّكُنْ لَّهٗ نَصِيْبٌ مِّنْهَا ۚ وَمَنْ يَّشْفَعْ شَفَاعَةً سَيِّئَةً يَّكُنْ لَّهٗ كِفْلٌ مِّنْهَا ۭ وَكَانَ اللّٰهُ عَلٰي كُلِّ شَيْءٍ مُّقِيْتًا ۝٨٦

٨٦. جيڪو (شخص) سٺي سفارش ڪري انهيءَ جي لاءِ انهيءَ مان هڪ حصو هوندو ۽ جيڪو شخص بري سفارش ڪري انهيءَ مان انهيءَ جي لاءِ (اهڙوئي) حصو هوندو ۽ الله هر هڪ ڪم تي ڪامل قدرت رکي ٿو.

وَاِذَا حُيِّيْتُمْ بِتَحِيَّةٍ فَحَيُّوْا بِاَحْسَنَ مِنْهَآ اَوْ رُدُّوْهَا ۭ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ عَلٰي كُلِّ شَيْءٍ حَسِيْبًا ۝٨٧ النصف

٨٧. ۽ جڏهين توهانکي ڪا دعا ڏني وڃي تہ توهان انهيءَ کان سٺي دعا ڏيو يا (گهٽ ۾ گهٽ) انهيءَ کي موٽائي ڏيو. الله يقينَ هر هڪ ڪم جو حساب وٺڻ وارو آهي.

اَللّٰهُ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۭ لَيَجْمَعَنَّكُمْ اِلٰى يَوْمِ الْقِيٰمَةِ لَا رَيْبَ فِيْهِ ۭ وَمَنْ اَصْدَقُ مِنَ اللّٰهِ حَدِيْثًا ۝٨٨ ع ١١ ٨

٨٨. الله (اها ذات آهي جو) انهيءَ کان سواءِ ڪوبہ معبود ڪونهي اهو توهان کي سواءِ شڪ شبهي جي قيامت جي ڏينهن تائين گڏ ڪندو رهندو جنهن کي اچڻ ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي ۽ الله کان وڌيڪ ڪنهن جي ڳالهہ سچي (ٿي سگهي) ٿي.

فَمَا لَكُمْ فِي الْمُنٰفِقِيْنَ فِئَتَيْنِ وَاللّٰهُ اَرْكَسَهُمْ بِمَا كَسَبُوْا ۭ اَتُرِيْدُوْنَ اَنْ تَهْدُوْا مَنْ اَضَلَّ اللّٰهُ ۭ وَمَنْ يُّضْلِلِ اللّٰهُ فَلَنْ تَجِدَ لَهٗ سَبِيْلًا ۝٨٩

٨٩. ۽ توهانکي ڇا (ٿي ويو) آهي (جو توهان) منافقن جي متعلق بہ گروهہ (ٿي رهيا) آهيو حالانڪ جيڪي ڪجهہ انهن ڪمايو آهي. انهيءَ سببان الله انهنکي اونڌو ڪري ڇڏيو آهي ڇا جنهن کي الله تباهہ ڪري ڇڏيو آهي توهان انهيءَ کي راهہ تي آڻيندؤ؟ ۽ جنهن کي الله تباهہ ڪري تون انهيءَ جي لاءِ هرگز ڪو رستو نہ لهي سگهندين.

وَدُّوْا لَوْ تَكْفُرُوْنَ كَمَا كَفَرُوْا فَتَكُوْنُوْنَ سَوَاۗءً فَلَا

٩٠. اهي گهرن ٿا تہ جهڙيءَ طرح اهي

تَتَّخِذُوا مِنْهُمْ أَوْلِيَاءَ حَتَّىٰ يُهَاجِرُوا فِي سَبِيلِ اللَّهِ
فَإِنْ تَوَلَّوْا فَخُذُوهُمْ وَاقْتُلُوهُمْ حَيْثُ وَجَدْتُمُوهُمْ
وَلَا تَتَّخِذُوا مِنْهُمْ وَلِيًّا وَلَا نَصِيرًا ﴿٩٠﴾

(خود) ڪافر ٿي چڪا آهن ڪاش ! توهان (بہ اهڙيءَ طرح) ڪافر ٿي وڃو ۽ (اهي ۽ توهان) برابر ٿي وڃو. انهيءَ ڪري جيستائين اهي الله جي راهہ ۾ هجرت (نہ) ڪن توهان انهن مان (ڪنهنکي) دوست نہ بنايو. پوءِ جيڪڏهن اهي ڦري وڃن تہ توهان انهن کي پڪڙيو ۽ جتي انهنکي ڏسو انهن کي قتل ڪري ڇڏيو ۽ نہ انهن مان (ڪنهنکي) دوست بنايو ۽ نہ مددگار.

إِلَّا الَّذِينَ يَصِلُونَ إِلَىٰ قَوْمٍ بَيْنَكُمْ وَبَيْنَهُمْ مِيثَاقٌ
أَوْ جَاءُوكُمْ حَصِرَتْ صُدُورُهُمْ أَنْ يُقَاتِلُوكُمْ أَوْ
يُقَاتِلُوا قَوْمَهُمْ ۚ وَلَوْ شَاءَ اللَّهُ لَسَلَّطَهُمْ عَلَيْكُمْ
فَلَقَاتَلُوكُمْ ۚ فَإِنِ اعْتَزَلُوكُمْ فَلَمْ يُقَاتِلُوكُمْ وَأَلْقَوْا
إِلَيْكُمُ السَّلَمَ فَمَا جَعَلَ اللَّهُ لَكُمْ عَلَيْهِمْ سَبِيلًا ﴿٩١﴾

٩١. سواءِ اهڙن ماڻهن جي جيڪي (يا تہ) ڪنهن اهڙيءَ قوم سان تعلق رکندا هجن جن جي ۽ توهانجي وچم (ڪو) معاهدو هجي (۽) اهي توهان وٽ اهڙيءَ حالت ۾ اچن جو توهان سان جنگ ڪرڻ (کان) يا پنهنجي قوم سان جنگ ڪرڻ کان سندن سينا تنگ ٿيا هجن ۽ جيڪڏهن الله چاهي ها تہ انهنکي يقينن توهان تي غلبو ڏئي ڇڏي ها. تڏهين اهي ضرور توهان سان وڙهن ها پوءِ جيڪڏهين اهي توهان کان ڪنارو ڪن ۽ توهان سان جنگ نہ ڪن ۽ توهان ڏانهن صلح (جو هٿ) وڌائين تہ الله توهانجي لاءِ انهنجي خلاف (حملي جو) ڪوبہ رستو (باقي) نہ ڇڏيو آهي.

سَتَجِدُونَ آخَرِينَ يُرِيدُونَ أَنْ يَأْمَنُوكُمْ وَيَأْمَنُوا
قَوْمَهُمْ كُلَّمَا رُدُّوا إِلَى الْفِتْنَةِ أُرْكِسُوا فِيهَا ۚ فَإِنْ لَمْ
يَعْتَزِلُوكُمْ وَيُلْقُوا إِلَيْكُمُ السَّلَمَ وَيَكُفُّوا أَيْدِيَهُمْ
فَخُذُوهُمْ وَاقْتُلُوهُمْ حَيْثُ ثَقِفْتُمُوهُمْ ۚ وَأُولَٰئِكُمْ
جَعَلْنَا لَكُمْ عَلَيْهِمْ سُلْطَانًا مُبِينًا ﴿٩٢﴾ ع ١٢/٩

٩٢. توهان ضرور (ڪجهہ) بين ماڻهن کي (اثين) ڏسندو جو اهي گهرن ٿا تہ توهان سان (بہ) امن ۾ رهن ۽ پنهنجي قوم سان (بہ) امن ۾ رهن جڏهين بہ انهنکي فتني ڏانهن موٽايو ويو (آهي) تہ اهي انهيءَ ۾ ٻوڙ ٻر ڪيرايا ويا آهن. پوءِ جيڪڏهين اهي توهان کان پاسو نہ ڪن ۽ توهان ڏانهن صلح (جو

عَظِيْمًا ﴿٩٣﴾

رهندو ايندو ۽ الله انهيءَ سان ناراض هوندو ۽ انهيءَ کي (پنهنجي حضور کان) پري ڪري ڇڏيندو ۽ انهيءَ جي لاءِ (ڏاڍو) وڏو عذاب تيار ڪندو.

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اِذَا ضَرَبْتُمْ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ فَتَبَيَّنُوْا وَلَا تَقُوْلُوْا لِمَنْ اَلْقٰۤى اِلَيْكُمُ السَّلٰمَ لَسْتَ مُؤْمِنًا ۚ تَبْتَغُوْنَ عَرَضَ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ۫ فَعِنْدَ اللّٰهِ مَغَانِمُ كَثِيْرَةٌ ؕ كَذٰلِكَ كُنْتُمْ مِّنْ قَبْلُ فَمَنَّ اللّٰهُ عَلَيْكُمْ فَتَبَيَّنُوْا ؕ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ بِمَا تَعْمَلُوْنَ خَبِيْرًا ﴿٩٤﴾

٩٥. اي ايماندارو! جڏهين توهان الله جي راهه ۾ سفر ڪيو تہ چڱيءَ طرح ڇاڻ ڪندا ڪيو ۽ جيڪو توهانکي سلام چئي انهيءَ کي (اهو) نہ چوندا ڪيو تہ تون مومن نہ آهين. توهان دنيوي زندگيءَ جو سامان چاهيو ٿا. سو الله وٽ گهڻيون ئي غنيمتون آهن. پهرئين توهان (بہ) اهڙائي هئا . پوءِ الله توهان تي احسان ڪيو . پوءِ توهان تي لازم آهي (تہ) توهان چڱيءَ طرح ڇاڻ ڪندا ڪيو جيڪي ڪجهہ توهان ڪيو ٿا انهيءَ کان الله يقيناً واقف آهي.

لَا يَسْتَوِي الْقٰعِدُوْنَ مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ غَيْرُ اُولِي الضَّرَرِ وَالْمُجٰهِدُوْنَ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ بِاَمْوَالِهِمْ وَاَنْفُسِهِمْ ؕ فَضَّلَ اللّٰهُ الْمُجٰهِدِيْنَ بِاَمْوَالِهِمْ وَاَنْفُسِهِمْ عَلَى الْقٰعِدِيْنَ دَرَجَةً ؕ وَكُلًّا وَّعَدَ اللّٰهُ الْحُسْنٰى ؕ وَفَضَّلَ اللّٰهُ الْمُجٰهِدِيْنَ عَلَى الْقٰعِدِيْنَ اَجْرًا عَظِيْمًا ﴿٩٥﴾

٩٦. مومن مان اهڙا ويهي رهڻ وارا جيڪي نقصان پهتل نہ آهن ۽ پنهنجي مالن ۽ پنهنجي جانين سان الله جي راهه ۾ جهاد ڪرڻ وارا برابر نٿا (ٿي سگهن) الله پنهنجي مالن ۽ پنهنجي جانين جي ذريعي جهاد ڪرڻ وارن کي (پوئتي) ويهي رهڻ وارن تي درجي ۾ فضيلت ڏني آهي ۽ سڀني سان الله ڀلائي ڪرڻ جو وعدو ڪيو آهي ۽ الله جهاد ڪرڻ وارن کي (پوئتي) ويهي رهڻ وارن تي (تمام) وڏي اجر جو وعدو ڪري (ضروري) فضيلت ڏني آهي.

دَرَجٰتٍ مِّنْهُ وَمَغْفِرَةً وَّرَحْمَةً ؕ وَكَانَ اللّٰهُ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا ﴿٩٦﴾ ع ١٤

٩٧. (انهيءَ فضيلت جي معني) انهيءَ (خدا) جي طرفان تمام گهڻا درجا ۽ مغفرت جو ملڻ آهي اهڙيءَ طرح رحمت حاصل ڪرڻ آهي ۽ الله ڏاڍو بخشڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي.

إِنَّ الَّذِينَ تَوَفّٰىهُمُ الْمَلٰٓئِكَةُ ظَالِمِيٓ أَنْفُسِهِمْ قَالُوا فِيمَ كُنْتُمْ ۖ قَالُوا كُنَّا مُسْتَضْعَفِينَ فِي الْأَرْضِ ۚ قَالُوٓا أَلَمْ تَكُنْ أَرْضُ اللّٰهِ وَاسِعَةً فَتُهَاجِرُوا فِيهَا ۚ فَأُولٰٓئِكَ مَأْوٰىهُمْ جَهَنَّمُ ۖ وَسَآءَتْ مَصِيرًا ﴿٩٨﴾

٩٨. جن ماڻهن کي ملائڪن اهڙيءَ حالت ۾ وفات ڏني جو اهي پنهنجي جانين تي ظلم ڪري رهيا هئا اهي (انهنکي) چوندا تہ توهان ڪهڙي (خيال) ۾ هئا؟ اهي (يعني هجرت کان نٽائڻ وارا جواب ۾) چوندا تہ اسان ملڪ ۾ ڪمزور سمجهيا ويندا هئاسين (تنهنڪري هجرت نہ ڪئيسون) اهي (فرشتا) جواب ڏيندا ڇا الله جي زمين ڪشادي نہ هئي؟ جو توهان انهيءَ ۾ هجرت ڪري وڃو ها . پوءِ انهن ماڻهن جو ٺڪاڻو جهنم هوندو ۽ اهو رهڻ جي لحاظ کان ڏاڍي بري جڳهہ آهي.

إِلَّا الْمُسْتَضْعَفِينَ مِنَ الرِّجَالِ وَالنِّسَآءِ وَالْوِلْدَانِ لَا يَسْتَطِيعُونَ حِيلَةً وَّلَا يَهْتَدُونَ سَبِيلًا ﴿٩٩﴾

٩٩. ها اهي ماڻهو جيڪي مردن عورتن ۽ ٻارن مان واقعي ڪمزور هئا (۽) اهي ڪنهن تدبير جي طاقت نہ رکندا هئا ۽ نہ ڪائي راهہ انهن کي نظر آئي ٿي.

فَأُولٰٓئِكَ عَسَى اللّٰهُ أَنْ يَّعْفُوَ عَنْهُمْ ۚ وَكَانَ اللّٰهُ عَفُوًّا غَفُورًا ﴿١٠٠﴾

١٠٠. انهن ماڻهن جي متعلق خدا جي بخشش ويجهي آهي ڇو جو الله ئي آهي گهڻو معاف ڪرڻ وارو ۽ بخشش وارو.

وَمَنْ يُّهَاجِرْ فِي سَبِيلِ اللّٰهِ يَجِدْ فِي الْأَرْضِ مُرٰغَمًا كَثِيرًا وَّسَعَةً ۚ وَمَنْ يَّخْرُجْ مِنْ بَيْتِهِ مُهَاجِرًا إِلَى اللّٰهِ وَرَسُولِهِ ثُمَّ يُدْرِكْهُ الْمَوْتُ فَقَدْ وَقَعَ أَجْرُهُ عَلَى اللّٰهِ ۗ وَكَانَ اللّٰهُ غَفُورًا رَّحِيمًا ﴿١٠١﴾ ع ١٣

١٠١. ۽ جيڪو (شخص بہ) الله جي راهہ ۾ هجرت ڪندو اهو ملڪ ۾ حفاظت جون گهڻيون ئي جڳهون ۽ ڪشادگيءَ (جو سامان) حاصل ڪندو ۽ جيڪو (شخص) الله ۽ انهيءَ جي رسول ڏانهن پنهنجي گهر کان هجرت ڪري نڪري پوءِ انهيءَ کي موت اچي وڃي تہ (سمجهو تہ) انهيءَ جو اجر الله جي ذمي ٿي چڪو ۽ الله گهڻو بخشش وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي.

وَإِذَا ضَرَبْتُمْ فِي الْأَرْضِ فَلَيْسَ عَلَيْكُمْ جُنَاحٌ أَنْ

١٠٢. ۽ جيڪڏهين توهان ڊجو ٿا تہ ڪافر توهان کي تڪليف ۾ وجهندا تہ جڏهين توهان

تَقْصُرُوْا مِنَ الصَّلٰوةِ ۖ اِنْ خِفْتُمْ اَنْ يَّفْتِنَكُمُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا ۗ اِنَّ الْكٰفِرِيْنَ كَانُوْا لَكُمْ عَدُوًّا مُّبِيْنًا ﴿١٠١﴾

ملڪ ۾ سفر ڪيو تہ توهان تي ڪوبہ گناهہ ڪونهي جو نماز کي ننڍو ڪري ڇڏيو. ڪافر يقينن توهانجا (ظاهر) ظهور دشمن آهن.

وَاِذَا كُنْتَ فِيْهِمْ فَاَقَمْتَ لَهُمُ الصَّلٰوةَ فَلْتَقُمْ طَآئِفَةٌ مِّنْهُمْ مَّعَكَ وَلْيَاْخُذُوْٓا اَسْلِحَتَهُمْ ۗ فَاِذَا سَجَدُوْا فَلْيَكُوْنُوْا مِنْ وَّرَآئِكُمْ ۠ وَلْتَاْتِ طَآئِفَةٌ اُخْرٰى لَمْ يُصَلُّوْا فَلْيُصَلُّوْا مَعَكَ وَلْيَاْخُذُوْا حِذْرَهُمْ وَاَسْلِحَتَهُمْ ۚ وَدَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَوْ تَغْفُلُوْنَ عَنْ اَسْلِحَتِكُمْ وَاَمْتِعَتِكُمْ فَيَمِيْلُوْنَ عَلَيْكُمْ مَّيْلَةً وَّاحِدَةً ۗ وَلَا جُنَاحَ عَلَيْكُمْ اِنْ كَانَ بِكُمْ اَذًى مِّنْ مَّطَرٍ اَوْ كُنْتُمْ مَّرْضٰٓى اَنْ تَضَعُوْٓا اَسْلِحَتَكُمْ ۚ وَخُذُوْا حِذْرَكُمْ ۗ اِنَّ اللّٰهَ اَعَدَّ لِلْكٰفِرِيْنَ عَذَابًا مُّهِيْنًا ﴿١٠٢﴾

١٠٣۔ ۽ جڏهين تون (خود) انهن ۾ هجين ۽ تون انهنکي نماز پڙهائين تہ انهن مان هڪ حصي جماعت (جي ڪي گهرجي تہ) توسان گڏ بيهن ۽ پنهنجا هٿيار ڪٺي بيهن.پوءِ جڏهين هو سجدو ڪن تہ اهي تنهنجي پٺيان (حفاظت جي لاءِ) بيهي رهن پوءِ هڪ ٻيو حصو جماعت جو جنهن نماز نہ پڙهي (اڳتي) اچي ۽ توسان نماز پڙهي ۽ اهي بہ پنهنجي بچاءَ جو سامان ۽ پنهنجا هٿيار ساڻ رکن. جيڪي ماڻهون ڪافر آهن اهي چاهين ٿا تہ ڪاش توهان پنهنجن هٿيارن ۽ پنهنجي سامان کان غافل ٿي وڃو تہ اهي هڪدم توهان تي اچي ڪڙڪن ۽ جيڪڏهين مينهن جي سببان توهانکي تڪليف ٿئي يا توهان بيمار هجو تہ پنهنجن هٿيارن لاهي رکڻ ۾ توهانکي ڪوبہ گناهہ نہ ٿيندو پر تڏهين بہ سڀ احتياط ڪيو. الله ڪافرن جي لاءِ خوار ڪري ڇڏڻ وارو عذاب يقينن تيار ڪري ڇڏيو آهي.

فَاِذَا قَضَيْتُمُ الصَّلٰوةَ فَاذْكُرُوا اللّٰهَ قِيٰمًا وَّقُعُوْدًا وَّعَلٰى جُنُوْبِكُمْ ۚ فَاِذَا اطْمَاْنَنْتُمْ فَاَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ ۚ اِنَّ الصَّلٰوةَ كَانَتْ عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ كِتٰبًا مَّوْقُوْتًا ﴿١٠٣﴾

١٠۴۔ ۽ جڏهين توهان نماز ادا ڪري وٺو تہ الله کي بيٺي ۽ ويٺي ۽ پاسن ڀر ياد ڪندا رهو. پوءِ جڏهين توهان مطمئن ٿي وڃو تہ نماز کي سنواري پڙهندا ڪيو تہ نماز مومنن تي يقينن مقرر وقتن تي فرض آهي.

وَلَا تَهِنُوْا فِى ابْتِغَآءِ الْقَوْمِ ۗ اِنْ تَكُوْنُوْا تَاْلَمُوْنَ

١٠۵۔ ۽ توهان انهيءَ قوم (يعني دشمنن) جي ڳولا ۾ سستي نہ ڪيو ۽ جيڪڏهين

فَاِنَّهُمْ يَاْلَمُوْنَ كَمَا تَاْلَمُوْنَ ۚ وَتَرْجُوْنَ مِنَ اللّٰهِ مَا لَا يَرْجُوْنَ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ عَلِيْمًا حَكِيْمًا ﴿١٠٤﴾ ع ١٥ ١٢

توهانکي تڪليف ٿئي ٿي تہ جهڙيءَ طرح توهانکي تڪليف ٿئي ٿي انهن کي بہ تڪليف ٿئي ٿي ۽ توهان تہ الله کان انهيءَ (فضل ۽ ڪرم) جي اميد رکو ٿا جنهن جي اهي اميد نہ ٿا (رکن). ۽ الله گهڻو (ئي) ڄاڻڻ وارو (۽) حڪمت وارو آهي.

اِنَّآ اَنْزَلْنَآ اِلَيْكَ الْكِتٰبَ بِالْحَقِّ لِتَحْكُمَ بَيْنَ النَّاسِ بِمَآ اَرٰىكَ اللّٰهُ ؕ وَلَا تَكُنْ لِّلْخَآئِنِيْنَ خَصِيْمًا ﴿١٠٥﴾

١٠٦. اسان تو ڏانهن (هيءَ) صداقت تي مشتمل ڪتاب يقيناً انهيءَ ڪري نازل ڪيو آهي تہ تون ماڻهن جي وچ ۾ هن (حق) جي ذريعي جيڪو الله توکي ڏيکاريو آهي فيصلو ڪرين ۽ تون خيانت ڪرڻ وارن جي طرفان جهڳڙي ڪرڻ وارو نہ بڻج.

وَّاسْتَغْفِرِ اللّٰهَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا ﴿١٠٦﴾

١٠٧. ۽ الله کان (انهيءَ جي) بخشش طلب ڪر. الله يقيناً گهڻو (ئي) بخشڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي.

وَلَا تُجَادِلْ عَنِ الَّذِيْنَ يَخْتَانُوْنَ اَنْفُسَهُمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُحِبُّ مَنْ كَانَ خَوَّانًا اَثِيْمًا ﴿١٠٧﴾

١٠٨. ۽ تون انهن ماڻهن جي طرفان جيڪي پنهنجن نفسن جي خيانت ڪن ٿا، جهڳڙو نہ ڪر جيڪي (ماڻهو ) خيانت ۾ وڌي ويل ۽ گهڻو گنهگار آهن الله انهنکي پسند نٿو ڪري.

يَّسْتَخْفُوْنَ مِنَ النَّاسِ وَلَا يَسْتَخْفُوْنَ مِنَ اللّٰهِ وَهُوَ مَعَهُمْ اِذْ يُبَيِّتُوْنَ مَا لَا يَرْضٰى مِنَ الْقَوْلِ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ بِمَا يَعْمَلُوْنَ مُحِيْطًا ﴿١٠٨﴾

١٠٩. اهي ماڻهن کان پردو رکن ٿا ۽ الله کان پردو نہ ٿا رکن. حالانڪ جڏهين اهي رات جو اهڙين ڳالهين جا مشورا ڪندا رهندا آهن جنهنکي الله نٿو گهري (تہ) اهو انهن وٽ هوندو آهي ۽ جيڪي ڪجهہ اهي ڪري رهيا آهن الله انهيءَ کي تباهہ ڪرڻ وارو آهي.

هٰٓاَنْتُمْ هٰٓؤُلَآءِ جٰدَلْتُمْ عَنْهُمْ فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ۫ فَمَنْ يُّجَادِلُ اللّٰهَ عَنْهُمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ اَمْ مَّنْ يَّكُوْنُ عَلَيْهِمْ وَكِيْلًا ﴿١٠٩﴾

١١٠. ٻڌو! توهان اهي ماڻهو آهيو جيڪي انهن جي طرفان دنيوي زندگيءَ ۾ وڙهندا رهيا آهيو پر قيامت جي ڏينهن انهن جي طرفان الله سان ڪير جهيڙو ڪندو يا ڪير انهن جو

محافظ هوندو.

وَمَنْ يَّعْمَلْ سُوْٓءًا اَوْ يَظْلِمْ نَفْسَهٗ ثُمَّ يَسْتَغْفِرِ اللّٰهَ يَجِدِ اللّٰهَ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا ﴿١١١﴾

١١١. ۽ جيڪو شخص (بـ) ڪا بدي ڪندو يا پنهنجي نفس تي ظلم ڪندو انهيءَ کان پوءِ الله کان (پنهنجي گناهن جي) معافي گهرندو (تـ) اهو الله کي ڏاڍو بخشڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو لهندو.

وَمَنْ يَّكْسِبْ اِثْمًا فَاِنَّمَا يَكْسِبُهٗ عَلٰى نَفْسِهٖ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ عَلِيْمًا حَكِيْمًا ﴿١١٢﴾

١١٢. ۽ جيڪو شخص ڪا بدي ڪري.انهيءَ جو فعل انهيءَ تي (موٽي) پوندو ۽ الله ڏاڍو ڄاڻڻ وارو (۽) حڪمت وارو آهي.

وَمَنْ يَّكْسِبْ خَطِيْٓئَةً اَوْ اِثْمًا ثُمَّ يَرْمِ بِهٖ بَرِيْٓـئًا فَقَدِ احْتَمَلَ بُهْتَانًا وَّاِثْمًا مُّبِيْنًا ﴿١١٣﴾ ع ١٦ ١٣

١١٣. ۽ جيڪو شخص ڪو قصور يا گناهہ ڪري وري ڪنهن بي قصور تي انهيءَ جو الزام لڳائي ڇڏي تـہ (سمجهو تـہ) انهيءَ هڪ ڪوڙ ۽ ظاهر ظهور گناهہ جو بار کنيو.

وَلَوْلَا فَضْلُ اللّٰهِ عَلَيْكَ وَرَحْمَتُهٗ لَهَمَّتْ طَّآئِفَةٌ مِّنْهُمْ اَنْ يُّضِلُّوْكَ ؕ وَمَا يُضِلُّوْنَ اِلَّآ اَنْفُسَهُمْ وَمَا يَضُرُّوْنَكَ مِنْ شَيْءٍ ؕ وَاَنْزَلَ اللّٰهُ عَلَيْكَ الْكِتٰبَ وَالْحِكْمَةَ وَعَلَّمَكَ مَا لَمْ تَكُنْ تَعْلَمُ ؕ وَكَانَ فَضْلُ اللّٰهِ عَلَيْكَ عَظِيْمًا ﴿١١٤﴾ الثلثة

١١٤. ۽ جيڪڏهين توتي الله جو فضل ۽ انهيءَ جي رحمت نـہ هجي ها تـہ (اُهي يعني دشمن پنهنجي بد ارادي ۾ ڪامياب ٿي وڃن ها جيئن تـہ) انهن مان هڪ گروهہ (انهيءَ ڳالهہ جو) پڪو ارادو ڪري چڪو هو تـہ توکي تباهہ ڪري ڇڏي ۽ اهي پاڻ کانسواءِ ڪنهن کي تباهہ نٿا ڪن. ۽ توکي ڪجهہ بہ نقصان نـہ ٿا پهچائي سگهن ۽ الله توتي ڪتاب ۽ حڪمت لاٿي آهي ۽ جيڪي ڪجهہ تون نـہ ڄاڻندو هئين توکي سيکاريو آهي ۽ توتي الله جو (ڏاڍو) وڏو فضل آهي.

لَا خَيْرَ فِيْ كَثِيْرٍ مِّنْ نَّجْوٰىهُمْ اِلَّا مَنْ اَمَرَ بِصَدَقَةٍ اَوْ مَعْرُوْفٍ اَوْ اِصْلَاحٍۭ بَيْنَ النَّاسِ ؕ وَمَنْ يَّفْعَلْ ذٰلِكَ ابْتِغَآءَ مَرْضَاتِ اللّٰهِ فَسَوْفَ نُؤْتِيْهِ اَجْرًا عَظِيْمًا ﴿١١٥﴾

١١٥. انهن ماٺهن (جي مشورن) کي ڇڏي جيڪو صدقو يا نيڪ ڳالهہ يا ماڻهن جي وچ ۾ اصلاح ڪرڻ جو حڪم ڏين ٿا. انهن جي گهڻن مشورن ۾ ڪا بہ ڀلائي ڪانہ (هوندي آهي) ۽ جيڪو شخص الله جي رضا جوئي لاءِ

ائين ڪري (يعني نيڪ مشورا ڪري) اسان انهيءَ کي (جلد ئي ڏاڍو) وڏو اجر ڏينداسين.

وَمَنْ يُّشَاقِقِ الرَّسُوْلَ مِنْۢ بَعْدِ مَا تَبَيَّنَ لَهُ الْهُدٰى وَيَتَّبِعْ غَيْرَ سَبِيْلِ الْمُؤْمِنِيْنَ نُوَلِّهٖ مَا تَوَلّٰى وَنُصْلِهٖ جَهَنَّمَ ۭ وَسَاۗءَتْ مَصِيْرًا ﴿١١٦﴾ ع ١٧ ١٤

١١٦. ۽ جيڪو شخص (ٻـه) هدايت جي پوريءَ طرح کلي وڃڻ کانپوءِ (انهيءَ) رسول سان اختلاف ٿي ڪندو رهندو ۽ مومنن جي طريقي کانسواءِ (ڪنهن ٻئي طريقي) تي هلندو اسان انهيءَ کي انهيءَ شي جي پويان لڳائي ڇڏينداسين جنهن جي پويان اهو پيل آهي ۽ انهيءَ کي جهنم ۾ وجهنداسين ۽ اهو ڏاڍو برو ٺڪاڻو آهي.

اِنَّ اللّٰهَ لَا يَغْفِرُ اَنْ يُّشْرَكَ بِهٖ وَيَغْفِرُ مَا دُوْنَ ذٰلِكَ لِمَنْ يَّشَاۗءُ ۭ وَمَنْ يُّشْرِكْ بِاللّٰهِ فَقَدْ ضَلَّ ضَلٰلًۢا بَعِيْدًا ﴿١١٧﴾

١١٧. الله انهيءَ (گناهه) کي هرگز نه بخشيندو جو انهيءَ جو (ڪنهن کي) شريڪ بنايو وڃي ۽ جيڪو (گناهه) انهيءَ کان گهٽ هوندو (انهيءَ کي) جنهن جي حق ۾ چاهيندو معاف ڪري ڇڏيندو ۽ جيڪو شخص (ڪنهن کي) الله جو شريڪ بنائي ته (سمجهو ته) اهو (سڌي رستي کان) تمام پري وڃي پيو.

اِنْ يَّدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِهٖٓ اِلَّآ اِنٰثًا ۚ وَاِنْ يَّدْعُوْنَ اِلَّا شَيْطٰنًا مَّرِيْدًا ﴿١١٨﴾

١١٨. اهي الله کي ڇڏي ٻي جان شين کانسواءِ (ڪنهنکي) نٿا پڪارين پر اهي سرڪش شيطان کانسواءِ (ٻئي ڪنهنکي) نٿا پڪارين.

لَّعَنَهُ اللّٰهُ ۘ وَقَالَ لَاَتَّخِذَنَّ مِنْ عِبَادِكَ نَصِيْبًا مَّفْرُوْضًا ﴿١١٩﴾

١١٩. (انهيءَ شيطان کي) جنهنکي الله (پنهنجي حضور مان) پري ڪري ڇڏيو آهي ۽ (جنهن اهو) چيو هو ته مان تنهنجن بندن کان ضرور هڪ مقرر حصو وٺندس.

وَّلَاُضِلَّنَّهُمْ وَلَاُمَنِّيَنَّهُمْ وَلَاٰمُرَنَّهُمْ فَلَيُبَتِّكُنَّ اٰذَانَ الْاَنْعَامِ وَلَاٰمُرَنَّهُمْ فَلَيُغَيِّرُنَّ خَلْقَ اللّٰهِ ۭ وَمَنْ يَّتَّخِذِ الشَّيْطٰنَ وَلِيًّا مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ فَقَدْ

١٢٠. ۽ انهنکي لازمن گمراهه ڪندس ۽ يقينن (وڏيون وڏيون) اميدون به ڏياريندس ۽ انهن کان وڌي تاڪيد سان هيءَ خواهش ڪندس ته اهي چوپاين جا ڪن ڪپين.

خَسِرَ خُسْرَانًا مُّبِيْنًا ﴿١١٩﴾

اهڙي طرح خواهش ڪندس ته اهي مخلوق خدا ۾ تبديلي ڪن ۽ جيڪو الله کي ڇڏي شيطان کي دوست بنائي ته (سمجهو ته) اهو ظاهر (ظهور) نقصان ۾ پئجي ويو.

يَعِدُهُمْ وَيُمَنِّيْهِمْ ۖ وَمَا يَعِدُهُمُ الشَّيْطٰنُ اِلَّا غُرُوْرًا ﴿١٢٠﴾

١٢١۔ اهو (شيطان) انهنکي وعدا ڏيئي ٿو ۽ انهنکي اميدون ڏياري ٿو ۽ شيطان انهن سان سواءِ ظاهري ٺڳين جي (ڪنهن امر جو) واعدو نٿو ڪري.

اُولٰٓئِكَ مَاْوٰىهُمْ جَهَنَّمُ ۫ وَلَا يَجِدُوْنَ عَنْهَا مَحِيْصًا ﴿١٢١﴾

١٢٢۔ انهن مان انهن جو ٺڪاڻو ته جهنم آهي ۽ اهي انهيءَ کان ڀڄڻ جي جڳهه ڪٿي به نه پائيندا!

وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ سَنُدْخِلُهُمْ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَآ اَبَدًا ۭ وَعْدَ اللّٰهِ حَقًّا ۭ وَمَنْ اَصْدَقُ مِنَ اللّٰهِ قِيْلًا ﴿١٢٢﴾

١٢٣۔ ۽ جن مان انهن ايمان آندو آهي ۽ انهن نيڪ ڪم ڪيا آهن اسان انهنکي ضرور اهڙن باغن ۾ داخل ڪنداسين جن جي هيٺان نهرون وهنديون هونديون (۽ اهي) انهن ۾ هميشه رهندا ايندا (اهو) الله جو سچو واعدو (آهي) ۽ الله کان وڌيڪ ڪنهن جي سچي ڳالهه ٿي سگهي ٿي.

لَيْسَ بِاَمَانِيِّكُمْ وَلَآ اَمَانِيِّ اَهْلِ الْكِتٰبِ ۭ مَنْ يَّعْمَلْ سُوْۗءًا يُّجْزَ بِهٖ ۙ وَلَا يَجِدْ لَهٗ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ وَلِيًّا وَّلَا نَصِيْرًا ﴿١٢٣﴾

١٢٤۔ نه توهانجي خواهشن مطابق (ٺيڪ وارو) آهي ۽ نه اهل ڪتاب جي خواهشن جي مطابق (پر) جيڪو شخص ڪا بدي ڪندو انهيءَ کي انهيءَ جي مطابق بدلو ڏنو ويندو ۽ اهو الله کانسواءِ نه ڪنهن کي پنهنجو دوست لهندو ۽ نه مددگار.

وَمَنْ يَّعْمَلْ مِنَ الصّٰلِحٰتِ مِنْ ذَكَرٍ اَوْ اُنْثٰى وَهُوَ مُؤْمِنٌ فَاُولٰٓئِكَ يَدْخُلُوْنَ الْجَنَّةَ وَلَا يُظْلَمُوْنَ نَقِيْرًا ﴿١٢٤﴾

١٢٥۔ ۽ جيڪي مان خواهه مرد هجن يا عورتون مومن هئڻ جي حالت ۾ نيڪ ڪم ڪندا ته اهي جنت ۾ داخل ٿيندا ۽ انهن تي کجي جي ڪکڙي جي سوراخ برابر (به) ظلم نه ڪيو ويندو.

وَمَنْ اَحْسَنُ دِيْنًا مِّمَّنْ اَسْلَمَ وَجْهَهٗ لِلّٰهِ وَهُوَ مُحْسِنٌ وَّاتَّبَعَ مِلَّةَ اِبْرٰهِيْمَ حَنِيْفًا ؕ وَاتَّخَذَ اللّٰهُ اِبْرٰهِيْمَ خَلِيْلًا ﴿١٢٦﴾

١٢٦- ۽ انهيءَ شخص کان وڌيڪ ڪنهن جو دين سٺو (ٿي سگهي) ٿو جنهن (تمام) چڱيءَ طرح عمل ڪندي پنهنجي پاڻ کي الله جي سپرد ڪري ڇڏيو هجي ۽ ابراهيم جي دين جي جيڪو سلامتيءَ وارو هو پيروي (اختيار) ڪئي هجي ۽ الله ابراهيم کي (پنهنجو) خاص دوست بنايو هو.

وَلِلّٰهِ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ بِكُلِّ شَيْءٍ مُّحِيْطًا ﴿١٢٧﴾

ع ٨ ١٥

١٢٧- ۽ جيڪي ڪجهه آسمانن ۾ ۽ جيڪي ڪجهه زمين ۾ آهي (سڀ) الله جو ئي آهي ۽ الله هر (هڪ) شيءِ جو پورو علم رکي ٿو.

وَيَسْتَفْتُوْنَكَ فِي النِّسَآءِ ؕ قُلِ اللّٰهُ يُفْتِيْكُمْ فِيْهِنَّ ۙ وَمَا يُتْلٰى عَلَيْكُمْ فِي الْكِتٰبِ فِيْ يَتٰمَى النِّسَآءِ الّٰتِيْ لَا تُؤْتُوْنَهُنَّ مَا كُتِبَ لَهُنَّ وَتَرْغَبُوْنَ اَنْ تَنْكِحُوْهُنَّ وَالْمُسْتَضْعَفِيْنَ مِنَ الْوِلْدَانِ ۙ وَاَنْ تَقُوْمُوْا لِلْيَتٰمٰى بِالْقِسْطِ ؕ وَمَا تَفْعَلُوْا مِنْ خَيْرٍ فَاِنَّ اللّٰهَ كَانَ بِهٖ عَلِيْمًا ﴿١٢٨﴾

١٢٨- ۽ ماڻهو توکان (هڪ کان وڌيڪ) عورتن (سان نڪاح) جي متعلق (حڪم) دريافت ڪن ٿا. تون (انهنکي) چؤ ته الله توهانکي انهنجي متعلق اجازت ڏئي چڪو آهي ۽ جيڪو (حڪم) (انهيءَ) ڪتاب ۾ (ٻي جڳهه) توهان کي پڙهي ٻڌايو ويو آهي اهو انهن يتيم عورتن جي متعلق آهي جنکي توهان انهن جا مقرر ڪيل حق ادا نه ٿا ڪيو پر انهن سان نڪاح ڪرڻ گهرو ٿا ۽ (پڻ) ڪمزور ڇوڪرين جي متعلق آهي ۽ (توهانکي هي حڪم ڏنو ويو هو) ته يتيمن سان انصاف جو معاملو ڪندا رهو. ۽ جيڪو نيڪ ڪم به توهان ڪيو (ياد رکو ته) الله انهيءَ کي يقينن چڱيءَ طرح ڄاڻي ٿو.

وَاِنِ امْرَاَةٌ خَافَتْ مِنْ بَعْلِهَا نُشُوْزًا اَوْ اِعْرَاضًا فَلَا جُنَاحَ عَلَيْهِمَا اَنْ يُّصْلِحَا بَيْنَهُمَا صُلْحًا ؕ وَالصُّلْحُ خَيْرٌ ؕ وَاُحْضِرَتِ الْاَنْفُسُ الشُّحَّ ؕ وَاِنْ تُحْسِنُوْا وَتَتَّقُوْا فَاِنَّ اللّٰهَ كَانَ بِمَا تَعْمَلُوْنَ خَبِيْرًا ﴿١٢٩﴾

١٢٩- ۽ جيڪڏهين ڪنهن عورت کي پنهنجي مڙس جي طرفان سختي يا بي پرواهي جو انديشو هجي ته انهن ٻنهي تي ڪوبه گناهه ڪونهي ته اهي ڪنهن به طريقي سان پاڻ ۾ صلح ڪن ۽ صلح (سڀ کان) بهتر آهي. ۽ ماڻهن جي نفسن ۾ بخل (جو

خيال) پيدا ڪيو ويو آهي ۽ جيڪڏهين توهان نيڪ ڪم ڪيو ۽ تقويٰ اختيار ڪيو تہ (ياد رکو تہ) جيڪي ڪجهہ توهان ڪيو ٿا انهيءَ کان الله يقينن آگاهہ آهي.

وَلَنْ تَسْتَطِيْعُوْٓا اَنْ تَعْدِلُوْا بَيْنَ النِّسَآءِ وَلَوْ حَرَصْتُمْ فَلَا تَمِيْلُوْا كُلَّ الْمَيْلِ فَتَذَرُوْهَا كَالْمُعَلَّقَةِ ۭ وَاِنْ تُصْلِحُوْا وَتَتَّقُوْا فَاِنَّ اللّٰهَ كَانَ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا ﴿١٣٠﴾

١٣٠- ۽ خواهہ توهان (عدل ڪرڻ جي ڪيتري بہ) خواهش ڪيو (تہ بہ) توهان عورتن جي وچ ۾ عدل نہ ٿا ڪري سگهو. پوءِ توهان بلڪل (هڪ ٿي طرف) نہ جهڪي وڃو (جنهنجو نتيجو اهو ٿئي) تہ انهي (ٻيءَ) کي (وچ ۾) ٽنگيل (شي) وانگر ڇڏي ڏيو ۽ جيڪڏهين توهان (پاڻ ۾) موافقت پيدا ڪيو ۽ تقويٰ اختيار ڪيو تہ (ياد رکو تہ) الله يقينن ڏاڍو بخشڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي.

وَاِنْ يَّتَفَرَّقَا يُغْنِ اللّٰهُ كُلًّا مِّنْ سَعَتِهٖ ۭ وَكَانَ اللّٰهُ وَاسِعًا حَكِيْمًا ﴿١٣١﴾

١٣١- ۽ جيڪڏهين اهي (ٻئي) علحدگي اختيار ڪن تہ الله (انهن مان) هر هڪ کي پنهنجي طرفان ڪشادگي ڏيئي غني بنائي ڇڏيندو ۽ الله وسعت ڏيڻ وارو (۽) حڪمت وارو آهي.

وَلِلّٰهِ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ ۭ وَلَقَدْ وَصَّيْنَا الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ مِنْ قَبْلِكُمْ وَاِيَّاكُمْ اَنِ اتَّقُوا اللّٰهَ ۭ وَاِنْ تَكْفُرُوْا فَاِنَّ لِلّٰهِ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ ۭ وَكَانَ اللّٰهُ غَنِيًّا حَمِيْدًا ﴿١٣٢﴾

١٣٢- ۽ جيڪي ڪجهہ آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي ڪجهہ زمين ۾ آهي (سڀ) الله جو ئي آهي ۽ جن ماڻهن کي توکان پهريائين ڪتاب ڏنو ويو هو اسان انهنکي (بہ) ۽ توهانکي (بہ) تاڪيدي حڪم ڏني (ڇڏيو) آهي تہ توهان الله جي تقويٰ اختيار ڪيو ۽ جيڪڏهين توهان انڪار ڪندؤ تہ (ياد رکو تہ) جيڪي ڪجهہ آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي ڪجهہ زمين ۾ آهي (سڀ) الله جو ئي آهي ۽ الله بي نياز (۽) ڳائيڻي کان ٻاهر تعريفن جو مستحق آهي.

وَلِلّٰهِ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ ۭ وَكَفٰى بِاللّٰهِ وَكِيْلًا ﴿١٣٢﴾

١٣٣. ۽ جيڪي ڪي آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي ڪي زمين ۾ آهي (سڀ) الله جو ئي آهي ۽ الله هر ضروري حفاظت ڪرڻ وارو آهي.

اِنْ يَّشَاْ يُذْهِبْكُمْ اَيُّهَا النَّاسُ وَيَاْتِ بِاٰخَرِيْنَ ۭ وَكَانَ اللّٰهُ عَلٰي ذٰلِكَ قَدِيْرًا ﴿١٣٣﴾

١٣٤. اي انسانو! جيڪڏهن اهو چاهي ته اوهانکي ماري ڇڏي ۽ ٻين (ماڻهن) کي وٺي اچي ۽ الله انهيءَ (امر) تي پورو (پورو) قادر آهي.

مَنْ كَانَ يُرِيْدُ ثَوَابَ الدُّنْيَا فَعِنْدَ اللّٰهِ ثَوَابُ الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةِ ۭ وَكَانَ اللّٰهُ سَمِيْعًۢا بَصِيْرًا ﴿١٣٤﴾ ع

١٣٥. جو شخص دنيا جو بدلو چاهيندو هجي ته (اهي ٻڌي ڇڏي ته) الله وٽ دنيوي ۽ اخروي (ٻنهي قسمن جا) انعام آهن ۽ الله ڏاڍو ٻڌڻ وارو (۽) ڏسڻ وارو آهي.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا كُوْنُوْا قَوّٰمِيْنَ بِالْقِسْطِ شُهَدَاۗءَ لِلّٰهِ وَلَوْ عَلٰٓي اَنْفُسِكُمْ اَوِ الْوَالِدَيْنِ وَالْاَقْرَبِيْنَ ۚ اِنْ يَّكُنْ غَنِيًّا اَوْ فَقِيْرًا فَاللّٰهُ اَوْلٰى بِهِمَا ۣ فَلَا تَتَّبِعُوا الْهَوٰٓى اَنْ تَعْدِلُوْا ۚ وَاِنْ تَلْوٗٓا اَوْ تُعْرِضُوْا فَاِنَّ اللّٰهَ كَانَ بِمَا تَعْمَلُوْنَ خَبِيْرًا ﴿١٣٥﴾

١٣٦. اي ايمان وارو! توهان پوريءَ طرح انصاف تي قائم رهڻ وارو (۽) الله جي لاءِ شاهدي ڏيڻ وارا بڻجي وڃو. ڪٿي (توهانجي شاهدي) توهانجي پنهنجي (خلاف) يا والدين جي يا قريبي رشتيدارن جي خلاف (پوندي) هجي جيڪڏهين اهو (جنهن جي متعلق شاهدي ڏني وئي آهي) غني آهي يا محتاج آهي ته (ٻنهي صورتن ۾) الله انهن ٻنهي جو (توڪان) وڌيڪ خير خواهه آهي. تنهنڪري توهان (ڪنهن ذليل) خواهش جي پيروي نه ڪندا ڪيو. انهيءَ لاءِ ته عدل ڪري سگهو ۽ جيڪڏهين توهان (ڪنهن شاهديءَ کي) لڪائيندو يا (اظهار حق کان) ٽارائيندو ته (ياد رکو ته) جيڪي ڪجهه توهان ڪيو ٿا الله انهيءَ کان يقينن آگاهه آهي.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اٰمِنُوْا بِاللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ وَالْكِتٰبِ الَّذِيْ

١٣٧. اي ايمان وارو! الله ۽ انهيءَ جي رسول (تي) ۽ انهيءَ ڪتاب تي جيڪو انهيءَ

نَزَّلَ عَلٰى رَسُوْلِهٖ وَالْكِتٰبِ الَّذِیْٓ اَنْزَلَ مِنْ قَبْلُ ؕ وَمَنْ یَّكْفُرْ بِاللّٰهِ وَمَلٰٓىِٕكَتِهٖ وَكُتُبِهٖ وَرُسُلِهٖ وَالْیَوْمِ الْاٰخِرِ فَقَدْ ضَلَّ ضَلٰلًۢا بَعِیْدًا ﴿۱۳۷﴾

پنهنجي رسول تي لاٿو آهي ۽ انهيءَ ڪتاب تي جيڪو هن (انهيءَ کان) پهريائين لاٿو آهي ايمان آڻيو ۽ جيڪو شخص الله ۽ انهيءَ جي فرشتن ۽ انهيءَ جي ڪتابن ۽ انهيءَ جي رسولن ۽ پوءِ اچڻ واري ڏينهن جو انڪار ڪري ته (سمجهو ته) اهو تمام وڏي گمراهيءَ ۾ پنجي ويو آهي.

اِنَّ الَّذِیْنَ اٰمَنُوْا ثُمَّ كَفَرُوْا ثُمَّ اٰمَنُوْا ثُمَّ كَفَرُوْا ثُمَّ ازْدَادُوْا كُفْرًا لَّمْ یَكُنِ اللّٰهُ لِیَغْفِرَ لَهُمْ وَلَا لِیَهْدِیَهُمْ سَبِیْلًا ﴿۱۳۸﴾ بَشِّرِ الْمُنٰفِقِیْنَ بِاَنَّ لَهُمْ عَذَابًا اَلِیْمَا ﴿۱۳۹﴾

١٣٨- ۽ جن ماڻهن ايمان آندو پوءِ انهن انڪار ڪري ڇڏيو، وري ايمان آندائون وري انڪار ڪري ڇڏيائون پوءِ ڪفر ۾ (اڃا به) وڌي ويا. الله انهن کي هرگز معاف نٿو ڪري سگهي ۽ نه انهنکي (نجات جو) رستو ڏيکاري سگهي ٿو.

١٣٩- تون منافقن کي (هي) خبر ٻڌائي ڇڏ ته انهن جي لاءِ دردناڪ عذاب (مقرر) آهي.

الَّذِیْنَ یَتَّخِذُوْنَ الْكٰفِرِیْنَ اَوْلِیَآءَ مِنْ دُوْنِ الْمُؤْمِنِیْنَ ؕ اَیَبْتَغُوْنَ عِنْدَهُمُ الْعِزَّةَ فَاِنَّ الْعِزَّةَ لِلّٰهِ جَمِیْعًا ﴿۱۴۰﴾

١٤٠- جيڪي مومنن کي ڇڏي ڪافرن کي (پنهنجو) دوست بنائين ٿا ڇا اهي انهن وٽ عزت جا خواهان آهن (جيڪڏهين ائين اهي) ته (اهي ياد رکن ته) عزت سڀ الله جي ئي هٿ ۾ آهي.

وَقَدْ نَزَّلَ عَلَیْكُمْ فِی الْكِتٰبِ اَنْ اِذَا سَمِعْتُمْ اٰیٰتِ اللّٰهِ یُكْفَرُ بِهَا وَیُسْتَهْزَاُ بِهَا فَلَا تَقْعُدُوْا مَعَهُمْ حَتّٰی یَخُوْضُوْا فِیْ حَدِیْثٍ غَیْرِهٖۤ ۖ اِنَّكُمْ اِذًا مِّثْلُهُمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ جَامِعُ الْمُنٰفِقِیْنَ وَالْكٰفِرِیْنَ فِیْ جَهَنَّمَ جَمِیْعَا ﴿۱۴۱﴾

١٤١- ۽ انهيءَ هن ڪتاب ۾ توهان تي هيءَ (حڪم) لاهي ڇڏيو آهي ته جڏهين توهان الله جي آيتن جي متعلق انڪار جو اظهار ٻڌو يا انهن سان ٺٺولي ڪندي ٻڌو ته انهن (ڪلون ڪرڻ وارن) سان (انهيءَ وقت تائين) نه وهو جيستائين اهي انهيءَ ڪانسواءِ ڪنهن ٻئي ڳالهه ۾ مشغول (نه) ٿي وڃن توهان انهن (ڪلون ڪرڻ وارن سان گڏ وهڻ جي) صورت ۾ يقينن انهن جهڙا (تصور ڪيا) ويندؤ. الله منافقن ۽ ڪافرن سڀني کي يقينن جهنم ۾ گڏ

ڪري ڇڏيندو.

الَّذِيْنَ يَتَرَبَّصُوْنَ بِكُمْ فَاِنْ كَانَ لَكُمْ فَتْحٌ مِّنَ اللّٰهِ قَالُوْٓا اَلَمْ نَكُنْ مَّعَكُمْ وَاِنْ كَانَ لِلْكٰفِرِيْنَ نَصِيْبٌ قَالُوْٓا اَلَمْ نَسْتَحْوِذْ عَلَيْكُمْ وَنَمْنَعْكُمْ مِّنَ الْمُؤْمِنِيْنَ فَاللّٰهُ يَحْكُمُ بَيْنَكُمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ وَلَنْ يَّجْعَلَ اللّٰهُ لِلْكٰفِرِيْنَ عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ سَبِيْلًا ﴿١٤٢﴾ ع ٢٠ ١٤

١٤٢- (انهن منافقن کي) جيڪي تنهنجي متعلق تباهيءَ جي انتظار ۾ رهن ٿا ۽ جيڪڏهين توکي الله جي طرفان ڪابہ فتح (حاصل) ٿئي تہ (توکي) چون ٿا تہ ڇا اسان توسان گڏ نہ هئاسين ۽ جيڪڏهين ڪافرن کي (فتح جو) ڪوحصو ملي ٿو تہ (انهن کي) چون ٿا تہ ڇا اسان توهانتي غالب نہ آيا هئاسين ۽ (اسان) توهانکي مومنن کان (نہ) بچايو هو. پوءِ الله توهانجي وچ ۾ قيامت جي ڏينهن فيصلو ڪندو. ۽ الله ڪافرن کي مومنن تي هرگز غلبو نہ ڏيندو.

اِنَّ الْمُنٰفِقِيْنَ يُخٰدِعُوْنَ اللّٰهَ وَهُوَ خَادِعُهُمْ وَاِذَا قَامُوْٓا اِلَى الصَّلٰوةِ قَامُوْا كُسَالٰى يُرَآءُوْنَ النَّاسَ وَلَا يَذْكُرُوْنَ اللّٰهَ اِلَّا قَلِيْلًا ﴿١٤٣﴾

١٤٣- منافق يقينن الله کي ڌوکو ڏيڻ چاهين ٿا ۽ هو انهنکي انهن جي ڌوکي جي سزا ڏيندو ۽ جڏهين اهي نماز (جي طرف وڃڻ) جي لاءِ بيهن ٿا تہ سستيءَ سان بيهن ٿا. اهي ماڻهن کي ڏيکاريندا آهن ۽ الله کي گهٽ ياد ڪندا آهن.

مُّذَبْذَبِيْنَ بَيْنَ ذٰلِكَ لَآ اِلٰى هٰٓؤُلَآءِ وَلَآ اِلٰى هٰٓؤُلَآءِ وَمَنْ يُّضْلِلِ اللّٰهُ فَلَنْ تَجِدَ لَهٗ سَبِيْلًا ﴿١٤٤﴾

١٤٤- انهن جي حالت (ياد الاهي ۽ غفلت جي) وچ ۾ هوندي آهي نہ اهي هنن (مومنن) سان آهن ۽ نہ اهي انهن (ڪافرن) سان آهن ۽ جنهنکي الله تباهہ ڪري ڇڏي (تہ) تون انهيءَ جي لاءِ هرگز ڪو (نجات جو) رستو نہ لهندين.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَتَّخِذُوا الْكٰفِرِيْنَ اَوْلِيَآءَ مِنْ دُوْنِ الْمُؤْمِنِيْنَ اَتُرِيْدُوْنَ اَنْ تَجْعَلُوْا لِلّٰهِ عَلَيْكُمْ سُلْطٰنًا مُّبِيْنًا ﴿١٤٥﴾

١٤٥- اي ايمان وارو! مومنن کي ڇڏي ڪري ڪافرن کي (پنهنجو) دوست نہ بڻايو. ڇا توهان چاهيو ٿا تہ خدا کي پنهنجي خلاف ظاهر (ظهور) الزام (ڏيڻ) جو موقعو ڏيو.

اِنَّ الْمُنٰفِقِيْنَ فِى الدَّرْكِ الْاَسْفَلِ مِنَ النَّارِ وَلَنْ

١٤٦- منافق يقينن جهنم جي اونهائيءَ جي

تَجِدَ لَهُمْ نَصِيْرًا ﴿١٤٥﴾

سڀ کان هيٺين حصي ۾ هوندا ۽ تون هرگز (ڪنهن کي به) انهن جو مددگار نه لهندين.

اِلَّا الَّذِيْنَ تَابُوْا وَاَصْلَحُوْا وَاعْتَصَمُوْا بِاللّٰهِ وَاَخْلَصُوْا دِيْنَهُمْ لِلّٰهِ فَاُولٰٓئِكَ مَعَ الْمُؤْمِنِيْنَ ۭ وَسَوْفَ يُؤْتِ اللّٰهُ الْمُؤْمِنِيْنَ اَجْرًا عَظِيْمًا ﴿١٤٦﴾

١۴٧. سواءِ انهن ماڻهن جي جن توبه ڪئي ۽ اصلاح ڪيو ۽ الله جي وسيلي سان (پنهنجي) حفاظت گهري ۽ پنهنجي عبادت کي الله جي لاءِ مخصوص ڪري ڇڏيو سو اهي ماڻهو مومنن ۾ شامل آهن ۽ الله مومنن کي عنقريب، وڏو اجر ڏيندو.

مَا يَفْعَلُ اللّٰهُ بِعَذَابِكُمْ اِنْ شَكَرْتُمْ وَاٰمَنْتُمْ ۭ وَكَانَ اللّٰهُ شَاكِرًا عَلِيْمًا ﴿١٤٧﴾

١۴٨. جيڪڏهين توهان شڪر ڪيو ۽ ايمان آڻيو ته الله توهانکي عذاب ڏيئي ڇا ڪندو ۽ الله (ته) قدردان ۽ ڏاڍو ڄاڻڻ وارو آهي.

لَا يُحِبُّ اللّٰهُ الْجَهْرَ بِالسُّوْٓءِ مِنَ الْقَوْلِ اِلَّا مَنْ ظُلِمَ ۭ وَكَانَ اللّٰهُ سَمِيْعًا عَلِيْمًا ﴿١٤٨﴾

١۴٩. الله بري ڳالهه جي اظهار کي پسند نه ٿو ڪري. ها پر جنهن تي ظلم ڪيو ويو هجي (اهو انهيءَ ظلم جو اظهار ڪري سگهي ٿو) ۽ الله ڏاڍو ٻڌڻ وارو (۽) ڏاڍو ڄاڻڻ وارو آهي.

اِنْ تُبْدُوْا خَيْرًا اَوْ تُخْفُوْهُ اَوْ تَعْفُوْا عَنْ سُوْٓءٍ فَاِنَّ اللّٰهَ كَانَ عَفُوًّا قَدِيْرًا ﴿١٤٩﴾

١٥٠. جيڪڏهين توهان ڪنهن نيڪيءَ کي ظاهر ڪيو يا انهيءَ کي لڪايو يا (ڪنهن جي) بديءَ کي معاف ڪيو ته (سمجهي وٺو ته) الله يقينن گهڻو معاف ڪرڻ وارو (۽) وڏي قدرت وارو آهي.

اِنَّ الَّذِيْنَ يَكْفُرُوْنَ بِاللّٰهِ وَرُسُلِهٖ وَيُرِيْدُوْنَ اَنْ يُّفَرِّقُوْا بَيْنَ اللّٰهِ وَرُسُلِهٖ وَيَقُوْلُوْنَ نُؤْمِنُ بِبَعْضٍ وَّنَكْفُرُ بِبَعْضٍ ۙ وَّيُرِيْدُوْنَ اَنْ يَّتَّخِذُوْا بَيْنَ ذٰلِكَ سَبِيْلًا ﴿١٥٠﴾

١٥١. جيڪي ماڻهو الله ۽ انهيءَ جي رسولن جو انڪار ڪن ٿا ۽ الله ۽ انهيءَ جي رسولن جي وچ ۾ فرق ڪرڻ چاهين ٿا ۽ چون ٿا ته اسان ڪن (رسولن) کي مڃينداسين ۽ ڪن جو انڪار ڪنداسين ۽ چاهين ٿا ته انهيءَ جي وچواري ڪا راهه اختيار ڪن.

اُولٰٓئِكَ هُمُ الْكٰفِرُوْنَ حَقًّا ۚ وَاَعْتَدْنَا لِلْكٰفِرِيْنَ

١٥٢. اهي ماڻهو پڪا ڪافر آهن ۽ ڪافرن جي لاءِ اسان خوار ڪرڻ وارو عذاب تيار

عَذَابًا مُّهِينًا ﴿١٥١﴾

كيو آهي.

وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا بِاللّٰهِ وَرُسُلِهٖ وَلَمْ يُفَرِّقُوْا بَيْنَ اَحَدٍ مِّنْهُمْ اُولٰٓئِكَ سَوْفَ يُؤْتِيْهِمْ اُجُوْرَهُمْ وَكَانَ اللّٰهُ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا ﴿١٥٢﴾ ع

١٥٣. ۽ جن ماڻهن الله ۽ انهيءَ جي (سڀني) رسولن تي ايمان آندو ۽ انهن. انهن (رسولن) مان ڪنهن هڪ جي وچ (بہ) فرق نہ ڪيو. اهي ماڻهو اهڙا آهن جو اهو انهن کي جلدئي انهنجو اجر ڏيندو ۽ الله ڏاڍو بخشڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي.

يَسْـَٔلُكَ اَهْلُ الْكِتٰبِ اَنْ تُنَزِّلَ عَلَيْهِمْ كِتٰبًا مِّنَ السَّمَآءِ فَقَدْ سَاَلُوْا مُوْسٰٓى اَكْبَرَ مِنْ ذٰلِكَ فَقَالُوْٓا اَرِنَا اللّٰهَ جَهْرَةً فَاَخَذَتْهُمُ الصّٰعِقَةُ بِظُلْمِهِمْ ثُمَّ اتَّخَذُوا الْعِجْلَ مِنْ بَعْدِ مَا جَآءَتْهُمُ الْبَيِّنٰتُ فَعَفَوْنَا عَنْ ذٰلِكَ وَاٰتَيْنَا مُوْسٰى سُلْطٰنًا مُّبِيْنًا ﴿١٥٣﴾

١٥٤. اهل ڪتاب توکان سوال ڪن ٿا تہ تون انهن تي آسمان مان هڪ ڪتاب نازل ڪرين (انهيءَ تي تعجب نہ ڪر ڇو جو) انهن موسيٰ کان انهيءَ کان بہ وڏو سوال ڪيو هو انهن انهيءَ کي چيو هو تہ تون اسانکي الله ظاهر ۾ ڏيکار. تڏهين انهن جي ظلم جي سببان انهنکي مارينڙ عذاب اچي پڪڙيو ۽ انهن ڳابي کي جڏهين تہ انهن وٽ ظاهر (ظهور) نشان اچي چڪا هئا (پنهن جو معبود) بنائي ورتو پوءِ اسان انهيءَ (ڏوهہ) کي (بہ) درگذر ڪيو ۽ اسان موسيٰ کي ظاهر (ظهور) غلبو ڏنو.

وَرَفَعْنَا فَوْقَهُمُ الطُّوْرَ بِمِيْثَاقِهِمْ وَقُلْنَا لَهُمُ ادْخُلُوا الْبَابَ سُجَّدًا وَّقُلْنَا لَهُمْ لَا تَعْدُوْا فِي السَّبْتِ وَاَخَذْنَا مِنْهُمْ مِّيْثَاقًا غَلِيْظًا ﴿١٥٤﴾

١٥٥. ۽ اسان انهن کان (پختو) عهد وٺندي انهن تي طور کي بلند ڪيو ۽ اسان انهن کي چيو تہ هن دروازي ۾ پوري فرمانبرداري ڪندي داخل ٿيو ۽ اسان انهنکي (هيئن بہ) چيو تہ ڇنڇر (جي معاملي) ۾ زيادتي نہ ڪيو ۽ اسان انهن کان هڪ پڪو انجام ورتو.

فَبِمَا نَقْضِهِمْ مِّيْثَاقَهُمْ وَكُفْرِهِمْ بِاٰيٰتِ اللّٰهِ وَقَتْلِهِمُ الْاَنْۢبِيَآءَ بِغَيْرِ حَقٍّ وَّقَوْلِهِمْ قُلُوْبُنَا غُلْفٌ بَلْ طَبَعَ اللّٰهُ عَلَيْهَا بِكُفْرِهِمْ فَلَا يُؤْمِنُوْنَ اِلَّا قَلِيْلًا ﴿١٥٥﴾

١٥٦. پوءِ انهنجي پنهنجي انجام ڀڃڻ (جي سبب ڪري) ۽ انهن جي الله جي آيتن جي انڪار ۽ نبين کي سندن ناحق قتل ڪرڻ جي ڪوشش (جي سبب ڪري) ۽ هيءَ (ڳالهہ) چوڻ جي ڪري تہ اسانجون دليون پردن ۾

آهن (پردن ۾) نہ پر الله سندن ڪفر جي ڪري انهن (جي دلين) تي مهر هڻي ڇڏي آهي. انهيءَ ڪري اهي بلڪل ايمان نٿا آڻين.

وَّبِكُفۡرِهِمۡ وَقَوۡلِهِمۡ عَلٰى مَرۡيَمَ بُهۡتَانًا عَظِيۡمًا ۙ﴿۱۵۶﴾

١٥٦. انهن جي ڪفر (جي سبب ڪري) ۽ انهن جو مريم تي (هڪ تمام) وڏو بهتان مڙهڻ جي سبب ڪري.

وَّقَوۡلِهِمۡ اِنَّا قَتَلۡنَا الۡمَسِيۡحَ عِيۡسَى ابۡنَ مَرۡيَمَ رَسُوۡلَ اللّٰهِ ۚ وَمَا قَتَلُوۡهُ وَمَا صَلَبُوۡهُ وَلٰكِنۡ شُبِّهَ لَهُمۡ ؕ وَاِنَّ الَّذِيۡنَ اخۡتَلَفُوۡا فِيۡهِ لَفِىۡ شَكٍّ مِّنۡهُ ؕ مَا لَهُمۡ بِهٖ مِنۡ عِلۡمٍ اِلَّا اتِّبَاعَ الظَّنِّ ۚ وَمَا قَتَلُوۡهُ يَقِيۡنًا ۙ﴿۱۵۷﴾

١٥٨. ۽ انهن جي (هيءَ ڳالهہ) چوڻ جي سبب ڪري تہ الله جي رسول مسيح عيسي ابن مريم کي اسان يقينن قتل ڪري ڇڏيو آهي (اها سزا انهن کي ملي آهي) حالانڪ نہ انهن انهيءَ کي قتل ڪيو ۽ نہ انهن انهيءَ کي صليب تي لٽڪائي ماريو. پر اهو انهن جي لاءِ (مصلوب جي) مثل بنايو ويو ۽ جن ماڻهن انهيءَ (يعني مسيح کي صليب کان زنده لهڻ) ۾ اختلاف ڪيو آهي اهي يقينن انهيءَ (جي زنده لاهڻ جي سبب جي) ڪري شڪ ۾ (مبتلا) آهن انهن کي انهيءَ جي متعلق ڪو بہ (يقيني) علم نہ آهي ها (صرف هڪ) وهم جي پيروي (ڪري رهيا آهن) ۽ انهن انهيءَ (واقعي جي اصليت) کي پوريءَ طرح نہ سمجهيو آهي (۽ جيڪي سمجهيو اٿن غلط سمجهيو اٿن).

بَلۡ رَّفَعَهُ اللّٰهُ اِلَيۡهِ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ عَزِيۡزًا حَكِيۡمًا ﴿۱۵۸﴾

١٥٩. حقيقت اها آهي تہ الله انهيءَ کي پنهنجي حضور ۾ عزت (۽ رفعت) ڏني هئي (۽ اهو صليب تي مري نہ ويو هو) ڇو جو الله غالب (۽) حڪمت وارو آهي.

وَاِنۡ مِّنۡ اَهۡلِ الۡكِتٰبِ اِلَّا لَيُؤۡمِنَنَّ بِهٖ قَبۡلَ مَوۡتِهٖ ۚ وَيَوۡمَ الۡقِيٰمَةِ يَكُوۡنُ عَلَيۡهِمۡ شَهِيۡدًا ۚ﴿۱۵۹﴾

١٦٠. اهل ڪتاب وارن مان هڪڙو بہ ڪونهي جيڪو هن (واقعي) تي پنهنجي موت کان پهريائين ايمان نہ آڻيندو رهي. ۽ اهو قيامت جي ڏينهن ان تي شاهد هوندو.

فَبِظُلْمٍ مِّنَ الَّذِيْنَ هَادُوْا حَرَّمْنَا عَلَيْهِمْ طَيِّبٰتٍ
أُحِلَّتْ لَهُمْ وَبِصَدِّهِمْ عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ كَثِيْرًا ﴿١٦١﴾

١٦١۔ پوءِ (انهيءَ) ظلم جي سببان جيڪو يهودين جي طرفان (ظهور ۾ آيو) اسان اهي پاڪيزه شيون جيڪي (پهرين) انهن جي لاءِ حلال ڪيون ويون هيون، انهن تي حرام ڪري ڇڏيون ۽ (پڻ) الله جي راهه کان گهڻن کي روڪڻ جي سبب ڪري (انهن کي اها سزا ملي).

وَّاَخْذِهِمُ الرِّبٰوا وَقَدْ نُهُوْا عَنْهُ وَاَكْلِهِمْ اَمْوَالَ
النَّاسِ بِالْبَاطِلِ ۭ وَاَعْتَدْنَا لِلْكٰفِرِيْنَ مِنْهُمْ
عَذَابًا اَلِيْمًا ﴿١٦٢﴾

١٦٢۔ ۽ انهنجي وياج جي ڪاروبار ڪرڻ جي سبب ڪان به حالانڪ انهيءَ کان انهنکي روڪيو ويو هو (پڻ) ماڻهن جي ناحق مالن کائڻ جي سببان (انهنکي اها سزا ملي) ۽ اسان انهن مان ڪافرن جي لاءِ دردناڪ عذاب تيار ڪيو آهي.

لٰكِنِ الرّٰسِخُوْنَ فِي الْعِلْمِ مِنْهُمْ وَالْمُؤْمِنُوْنَ يُؤْمِنُوْنَ
بِمَآ اُنْزِلَ اِلَيْكَ وَمَآ اُنْزِلَ مِنْ قَبْلِكَ وَالْمُقِيْمِيْنَ
الصَّلٰوةَ وَالْمُؤْتُوْنَ الزَّكٰوةَ وَالْمُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ وَ
الْيَوْمِ الْاٰخِرِ ۭ اُولٰۗىِٕكَ سَنُؤْتِيْهِمْ اَجْرًا عَظِيْمًا ﴿١٦٣﴾ ع ٢٢

١٦٣۔ پر انهن (يهودين) مان جيڪي ماڻهو علم ۾ پختا آهن اهي ۽ (پڻ) مومن (مسلمان) انهيءَ (ڪلام الاهي) تي جيڪو توتي نازل ڪيو ويو آهي ۽ جيڪو (ڪجهه) توکان پهرئين نازل ڪيو ويو هو، ايمان آڻين ٿا ۽ (خصوصن) نماز کي نيڪ طرح پڙهڻ وارا ۽ زڪوات ڏيڻ وارا ۽ الله تي ۽ آخرت واري ڏينهن تي ايمان آڻڻ وارن (ماڻهن) کي اسان ضرور (تمام) گهڻو اجر ڏينداسين.

اِنَّآ اَوْحَيْنَآ اِلَيْكَ كَمَآ اَوْحَيْنَآ اِلٰى نُوْحٍ وَّالنَّبِيّٖنَ
مِنْ بَعْدِهٖ ۚ وَاَوْحَيْنَآ اِلٰٓى اِبْرٰهِيْمَ وَاِسْمٰعِيْلَ وَ
اِسْحٰقَ وَيَعْقُوْبَ وَالْاَسْبَاطِ وَعِيْسٰى وَاَيُّوْبَ
وَيُوْنُسَ وَهٰرُوْنَ وَسُلَيْمٰنَ ۚ وَاٰتَيْنَا دَاوٗدَ
زَبُوْرًا ﴿١٦٤﴾

١٦٤۔ جهڙيءَ طرح اسان نوح ۽ انهيءَ کانپوءِ (بين) سڀني نبين تي وحي (نازل) ڪيو هو يقين توتي (به) اسان وحي (نازل) ڪيو آهي ۽ اسان ابراهيم ۽ اسماعيل ۽ اسحاق ۽ يعقوب ۽ (انهيءَ جي) اولاد ۽ عيسيٰ ۽ ايوب ۽ يونس ۽ هارون ۽ سليمان تي (به) وحي (نازل) ڪيو هو ۽ اسان دائود کي (به) هڪ ڪتاب ڏنو هو.

وَرُسُلًا قَدْ قَصَصْنٰهُمْ عَلَيْكَ مِنْ قَبْلُ وَرُسُلًا لَّمْ نَقْصُصْهُمْ عَلَيْكَ ۚ وَكَلَّمَ اللّٰهُ مُوْسٰى تَكْلِيْمًا ﴿١٦٤﴾

١٦٥- ۽ ڪيترا اهڙا رسول آهن جن جي خبر اسان (هن کان) پهرئين توکي ڏئي چڪا آهيون ۽ ڪيترا اهڙا رسول آهن جن جو ذڪر اسان توسان نہ ڪيو ۽ الله موسىٰ سان تمام چڱيءَ طرح ڪلام ڪيو هو.

رُسُلًا مُّبَشِّرِيْنَ وَمُنْذِرِيْنَ لِئَلَّا يَكُوْنَ لِلنَّاسِ عَلَى اللّٰهِ حُجَّةٌ بَعْدَ الرُّسُلِ ۚ وَكَانَ اللّٰهُ عَزِيْزًا حَكِيْمًا ﴿١٦٥﴾

١٦٦- ۽ اسان انهنڪي (يعني موسىٰ سان گڏ ذڪر ڪيل رسولن کي) بشارت ڏيڻ وارو ۽ ڊيڄارڻ وارو رسول بنائي موڪليو. انهيءَ لاءِ تہ ماڻهن کي انهن رسولن جي (مبعوث ٿيڻ کان) پوءِ الله تي ڪوبہ الزام نہ رهي ۽ الله غالب (۽) حڪمت وارو آهي.

لٰكِنِ اللّٰهُ يَشْهَدُ بِمَآ اَنْزَلَ اِلَيْكَ اَنْزَلَهٗ بِعِلْمِهٖ ۚ وَالْمَلٰٓئِكَةُ يَشْهَدُوْنَ ۚ وَكَفٰى بِاللّٰهِ شَهِيْدًا ﴿١٦٦﴾

١٦٧- پر الله انهيءَ (ڪلام) جي ذريعي جيڪو انهيءَ توتي نازل ڪيو آهي شاهدي ڏئي ٿو تہ انهيءَ انکي پنهنجي علم تي مشتمل ڪري لاٿو آهي ۽ ملائڪ (بہ) شاهدي ڏين ٿا ۽ الله جي شاهدي سيني تي مقدم آهي.

اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَصَدُّوْا عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ قَدْ ضَلُّوْا ضَلٰلًا بَعِيْدًا ﴿١٦٧﴾

١٦٨- جن ڪفر اختيار ڪيو آهي ۽ (ماڻهن کي) الله جي راهہ کان روڪيو آهي.اُهي يقيناً بي حد گمراهہ ٿي ويا آهن.

اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَظَلَمُوْا لَمْ يَكُنِ اللّٰهُ لِيَغْفِرَ لَهُمْ وَلَا لِيَهْدِيَهُمْ طَرِيْقًا ﴿١٦٨﴾

١٦٩- جن ڪفر اختيار ڪيو آهي ۽ ظلم ڪيو آهي الله انهن کي هرگز معاف نٿو ڪري سگهي ۽ نہ انهن کي جهنم ڪانسواءِ ڪا راهہ ڏيکاري سگهي ٿو.

اِلَّا طَرِيْقَ جَهَنَّمَ خٰلِدِيْنَ فِيْهَآ اَبَدًا ۚ وَكَانَ ذٰلِكَ عَلَى اللّٰهِ يَسِيْرًا ﴿١٦٩﴾

١٧٠- اهي انهيءَ (جهنم) ۾ هڪ (ڊگهي) عرصي تائين رهندا ايندا ۽ اها (ڳالهہ) الله جي لاءِ آسان آهي.

يٰٓاَيُّهَا النَّاسُ قَدْ جَآءَكُمُ الرَّسُوْلُ بِالْحَقِّ مِنْ رَّبِّكُمْ فَاٰمِنُوْا خَيْرًا لَّكُمْ ۚ وَاِنْ تَكْفُرُوْا فَاِنَّ لِلّٰهِ مَا

١٧١- اي انسانو ! هي رسول توهان وٽ توهانجي رب جي طرف کان حق ولي اچي چڪو آهي. تنهنڪري توهان ايمان آڻيو

فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِؕ وَكَانَ اللّٰهُ عَلِيْمًا حَكِيْمًا ﴿۱۷۰﴾

(اهو) توهانجي لاءِ سٺو ٿيندو ۽ جيڪڏهين توهان انڪار ڪندؤ تہ (ياد رکو تہ) جيڪي ڪجهہ آسمانن ۽ زمين ۾ آهي يقينن الله جو ئي آهي ۽ الله ڏاڍو ڄاڻڻ وارو (۽) حڪمت وارو آهي.

يٰۤاَهْلَ الْكِتٰبِ لَا تَغْلُوْا فِيْ دِيْنِكُمْ وَلَا تَقُوْلُوْا عَلَى اللّٰهِ اِلَّا الْحَقَّؕ اِنَّمَا الْمَسِيْحُ عِيْسَى ابْنُ مَرْيَمَ رَسُوْلُ اللّٰهِ وَكَلِمَتُهٗۚ اَلْقٰىهَاۤ اِلٰى مَرْيَمَ وَرُوْحٌ مِّنْهُ فَاٰمِنُوْا بِاللّٰهِ وَرُسُلِهٖ ۚ وَلَا تَقُوْلُوْا ثَلٰثَةٌؕ اِنْتَهُوْا خَيْرًا لَّكُمْؕ اِنَّمَا اللّٰهُ اِلٰهٌ وَّاحِدٌؕ سُبْحٰنَهٗۤ اَنْ يَّكُوْنَ لَهٗ وَلَدٌۘ لَهٗ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِؕ وَكَفٰى بِاللّٰهِ وَكِيْلًا ﴿۱۷۱﴾

١٧٢- اي اهل ڪتاب! توهان پنهنجي دين (جي معاملي) ۾ حد کان نہ نڪرو ۽ الله جي متعلق سچي ڳالهہ کان سواءِ (ڪجهہ) نہ چوندا ڪيو مسيح عيسيٰ ابن مريم الله جو صرف (هڪ) رسول ۽ انهيءَ جي (هڪ) بشارت هو جيڪا انهيءَ مريم تي نازل ڪئي هئي ۽ انهيءَ جي طرفان هڪ رحمت هو. تنهن ڪري توهان الله (تي) ۽ انهيءَ جي سڀني رسولن تي ايمان آڻيو ۽ (ائين) نہ چئو تہ (خدا) ٽي آهن (انهيءَ ڳالهہ کان) باز اچو (اهو) توهانجي لاءِ بهتر ٿيندو. الله ئي اڪيلو معبود آهي اهو (انهيءَ ڳالهہ کان) پاڪ آهي تہ انهيءَ کي اولاد هجي. جيڪي ڪجهہ آسمانن ۽ زمين ۾ آهي (سڀ) انهيءَ جو آهي ۽ الله جي حفاظت ڪانپوءِ ٻيءَ ڪنهن حفاظت جي ضرورت نہ آهي.

لَنْ يَّسْتَنْكِفَ الْمَسِيْحُ اَنْ يَّكُوْنَ عَبْدًا لِّلّٰهِ وَلَا الْمَلٰٓئِكَةُ الْمُقَرَّبُوْنَؕ وَمَنْ يَّسْتَنْكِفْ عَنْ عِبَادَتِهٖ وَيَسْتَكْبِرْ فَسَيَحْشُرُهُمْ اِلَيْهِ جَمِيْعًا ﴿۱۷۲﴾

١٧٣- مسيح هرگز انهيءَ (ڳالهہ) کي برو نہ سمجهندو تہ اهو الله جو هڪ بندو سمجهيو وڃي ۽ نہ (ئي) مقرب فرشتا (انهيءَ کي برو سمجهندا) ۽ جيڪي (ماڻهو) انهيءَ جي عبادت کي برو سمجهن ۽ تڪبر ڪن اهو (يعني خدا تعاليٰ) ضرور انهن کي پنهنجي حضور ۾ گڏ ڪندو.

فَاَمَّا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ فَيُوَفِّيْهِمْ اُجُوْرَهُمْ

١٧٤- پوءِ جيڪي ماڻهو مومن هئا ۽ انهن نيڪ (۽ ايمان جي حال سارو) عمل ڪيا

وَيَزِيْدُهُمْ مِّنْ فَضْلِهٖ ۚ وَاَمَّا الَّذِيْنَ اسْتَنْكَفُوْا وَ
اسْتَكْبَرُوْا فَيُعَذِّبُهُمْ عَذَابًا اَلِيْمًا ۙ وَّلَا يَجِدُوْنَ
لَهُمْ مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ وَلِيًّا وَّلَا نَصِيْرًا ﴿١٧٤﴾

هنا انهن کي اهو انهن جو پورو پورو بدلو ڏيندو ۽ پنهنجي فضل سان انهن کي (ٻيو ٻــ) وڌيڪ ڏيندو ۽ جن ماڻهن عار ڪيو ۽ وڏائي ڪئي انهنکي اهو دردناڪ عذاب ڏيندو ۽ اهي الله کانسواءِ نہ (ڪنهن کي) پنهنجو دوست لهندا ۽ نہ مددگار.

يٰٓاَيُّهَا النَّاسُ قَدْ جَآءَكُمْ بُرْهَانٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ وَ
اَنْزَلْنَآ اِلَيْكُمْ نُوْرًا مُّبِيْنًا ﴿١٧٥﴾

١٧٥- اي انسانو! توهان وٽ توهانجي رب جي طرفان هڪ صاف دليل اچي چڪو آهي ۽ اسان توهان ڏانهن (نهايت) روشن نور لاٿو آهي.

فَاَمَّا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا بِاللّٰهِ وَاعْتَصَمُوْا بِهٖ فَسَيُدْخِلُهُمْ
فِيْ رَحْمَةٍ مِّنْهُ وَفَضْلٍ ۙ وَّيَهْدِيْهِمْ اِلَيْهِ صِرَاطًا
مُّسْتَقِيْمًا ﴿١٧٦﴾

١٧٦- پوءِ جن ماڻهن الله تي ايمان آندو آهي ۽ انهن انهيءَ جي ذريعي (پنهنجو) بچاءَ ڪيو آهي انهنکي اهو ضرور پنهنجي هڪ وڏي رحمت ۽ وڏي فضل ۾ داخل ڪندو ۽ انهنکي پنهنجي طرف اچڻ واري سڌي راهہ ڏيکاريندو.

يَسْتَفْتُوْنَكَ ۭ قُلِ اللّٰهُ يُفْتِيْكُمْ فِي الْكَلٰلَةِ ۭ اِنِ امْرُؤٌا
هَلَكَ لَيْسَ لَهٗ وَلَدٌ وَّلَهٗٓ اُخْتٌ فَلَهَا نِصْفُ مَا تَرَكَ ۚ
وَهُوَ يَرِثُهَآ اِنْ لَّمْ يَكُنْ لَّهَا وَلَدٌ ۚ فَاِنْ كَانَتَا اثْنَتَيْنِ
فَلَهُمَا الثُّلُثٰنِ مِمَّا تَرَكَ ۭ وَاِنْ كَانُوْٓا اِخْوَةً رِّجَالًا
وَّنِسَآءً فَلِلذَّكَرِ مِثْلُ حَظِّ الْاُنْثَيَيْنِ ۭ يُبَيِّنُ اللّٰهُ
لَكُمْ اَنْ تَضِلُّوْا ۭ وَاللّٰهُ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمٌ ﴿١٧٧﴾ ع ٢٤ / ٤

١٧٧- اهي توکان (هڪ قسم جي ڪلام جي متعلق) فتوي پڇن ٿا، تون چؤ الله توهانکي (اهڙي) ڪلام جي متعلق حڪم ٻڌائي ٿو. جيڪڏهين ڪو اهڙو شخص مري وڃي ۽ سندس اولاد نہ هجي ۽ هنجي هڪ ڀيڻ هجي تہ جو ڪجهہ انهيءَ ڇڏيو هجي انهيءَ جو اڌ انهيءَ (ڀيڻ) جو هوندو ۽ جيڪڏهين (اها ڀيڻ مري وڃي ۽) انهيءَ کي اولاد نہ هجي تہ اهو (يعني انهيءَ جو ڀاءُ) انهيءَ (جي سموري ترڪي) جو وارث ٿيندو. ۽ جيڪڏهين ٻہ ڀينر هجن تہ جيڪي ڪجهہ انهيءَ (ڀاءُ) ڇڏيو آهي انجو ٻہ ٽهايون انهن جو ٿيندو ۽ جيڪڏهين اهي (وارث) ڀائر ڀينر هجن مرد (ٻہ) ۽ عورتون

(بـہ) تہ (انهيءَ مان) مرد جو (حصو) ٻن
عورتن جي برابر ٿيندو. الله توهانجي لاءِ
(هي ڳالهيون) توهانجي گمراهہ ٿي وڃڻ
(جي خدشي) جي بنا تي بيان ڪري ٿو ؛
الله هر هڪ امر کي خوب ڄاڻي ٿو.

## سُوْرَةُ الْمَآئِدَةِ مَدَنِيَّةٌ وَّهِيَ مَعَ الْبَسْمَلَةِ مِائَةٌ وَّاِحْدٰى عِشْرُوْنَ اٰيَةً وَّسِتَّةَ عَشَرَ رُكُوْعًا

هي سورت مدني آهي, بسم الله سميت هڪ سو ايڪيهہ آيتون ۽ سورنهن رڪوع آهن.

---

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ①

١. (مان) الله جو نالو وٺي جو بي حد ڪرم ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي (پڙهان ٿو)

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اَوْفُوْا بِالْعُقُوْدِ ۬ اُحِلَّتْ لَكُمْ بَهِيْمَةُ الْاَنْعَامِ اِلَّا مَا يُتْلٰى عَلَيْكُمْ غَيْرَ مُحِلِّي الصَّيْدِ وَاَنْتُمْ حُرُمٌ ۭ اِنَّ اللّٰهَ يَحْكُمُ مَا يُرِيْدُ ②

٢. اي ايماندارو! (پنهنجي) انجامن کي پورو ڪيو. توهان جي لاءِ چرندڙ جانورن (جي قسم) جا چوپايا سواءِ انهن جي جيڪي توهانکي (قرآن ۾) پڙهي ٻڌايا ويندا حلال قرار ڏنا ويا آهن, بشرطيڪ توهان (انهيءَ اجازت جي سبب) احرام جي حالت ۾ شڪار ڪرڻ جائز نہ سمجهو. الله يقينن جيڪي چاهي ٿو, فيصلو ڪري ٿو.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تُحِلُّوْا شَعَاۗىِٕرَ اللّٰهِ وَلَا الشَّهْرَ الْحَرَامَ وَلَا الْهَدْيَ وَلَا الْقَلَاۗىِٕدَ وَلَآ اٰۗمِّيْنَ الْبَيْتَ الْحَرَامَ يَبْتَغُوْنَ فَضْلًا مِّنْ رَّبِّهِمْ وَرِضْوَانًا ۭ وَاِذَا حَلَلْتُمْ فَاصْطَادُوْا ۭ وَلَا يَجْرِمَنَّكُمْ شَنَاٰنُ قَوْمٍ اَنْ صَدُّوْكُمْ عَنِ الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ اَنْ تَعْتَدُوْا ۘ وَتَعَاوَنُوْا عَلَي الْبِرِّ وَالتَّقْوٰى ۠ وَلَا تَعَاوَنُوْا عَلَي الْاِثْمِ وَالْعُدْوَانِ ۠ وَاتَّقُوا اللّٰهَ ۭ اِنَّ اللّٰهَ شَدِيْدُ الْعِقَابِ ③

٣. اي ايماندارو! الله جي (مقرر ڪيل) نشانين جي بي حرمتي نہ ڪيو ۽ نہ حرمت واري مهيني جي ۽ نہ (حرم ڏانهن وٺي وڃڻ واري قربانيءَ جي ۽ نہ (اهڙين قربانين جي) جن جي ڳچيءَ ۾ حرم جي ذبيحہ ڪي نشانيءَ طور هار پهرايا ويا هجن ۽ نہ بيت الحرام جي طرف وڃڻ وارن ماڻهن جي جيڪي رب جي فضل ۽ سندس رضا جي تلاش ۾ آهن. ۽ جڏهن توهان احرام کوليو تہ (بي شڪ) شڪار ڪيو. ۽ هڪ قوم جي (توهان سان) هيءَ دشمنيءَ تہ هنن توهانکي مسجد حرام کان روڪيو هو توهان کي انهيءَ ڳالهہ تي آماده نہ ڪري تہ توهان زيادتي ڪيو ۽ توهان نيڪي ۽ تقويٰ (جي ڪمن) ۾ پاڻ ۾ (هڪ ٻئي جي مدد ڪيو ۽ گناهہ ۽ زيادتيءَ

حُرِّمَتْ عَلَيْكُمُ الْمَيْتَةُ وَالدَّمُ وَلَحْمُ الْخِنْزِيْرِ وَمَآ اُهِلَّ لِغَيْرِ اللّٰهِ بِهٖ وَالْمُنْخَنِقَةُ وَالْمَوْقُوْذَةُ وَالْمُتَرَدِّيَةُ وَالنَّطِيْحَةُ وَمَآ اَكَلَ السَّبُعُ اِلَّا مَا ذَكَّيْتُمْ وَمَا ذُبِحَ عَلَى النُّصُبِ وَاَنْ تَسْتَقْسِمُوْا بِالْاَزْلَامِ ذٰلِكُمْ فِسْقٌ اَلْيَوْمَ يَئِسَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْ دِيْنِكُمْ فَلَا تَخْشَوْهُمْ وَاخْشَوْنِ اَلْيَوْمَ اَكْمَلْتُ لَكُمْ دِيْنَكُمْ وَاَتْمَمْتُ عَلَيْكُمْ نِعْمَتِيْ وَرَضِيْتُ لَكُمُ الْاِسْلَامَ دِيْنًا فَمَنِ اضْطُرَّ فِيْ مَخْمَصَةٍ غَيْرَ مُتَجَانِفٍ لِّاِثْمٍ فَاِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ③

(جي ڳالهين) ۾ (هڪ ٻئي جي) مدد نہ ڪندا ڪيو. ۽ الله جي تقويٰ اختيار ڪيو. الله جي سزا يقينن سخت (هوندي) آهي.

۴. توهان تي مردار، رت، سوئر جو گوشت ۽ اهو (جانور) جنهن تي الله کانسواءِ (ڪنهن ٻئي جو) نالو پڪاريو ويو هجي ۽ گهٽجي ڏيڻ سان مئو هجي يا ڪنهن مڏي اوزار جي ڌڪ سان مئو هجي ۽ اوچائيءَ تان ڪري مئو هجي ۽ سڱ لڳڻ سان مئل (جانور) ۽ جنهنکي (ڪنهن) ڦاڙيندڙ جانور کاڌو هجي. سواءِ ان جي جنهنکي (مرڻ کان اڳ) توهان ذبح ڪيو هجي. ۽ جنهن (جانور) کي ڪنهن بت جي آستاني تي ذبح ڪيو ويو هجي. حرام ڪيو ويو آهي ۽ تيرن جي وسيلي حصو معلوم ڪرڻ (بہ) اهڙو ڪم ڪرڻ نافرمانيءَ (۾ داخل) آهي. جيڪي ماڻهو ڪافر آهن اهي اڄ توهانجي دين (کي نقصان پهچائڻ) کان نا اميد ٿي ويا آهن. تنهنڪري توهان انهن کان نہ ڊڄو ۽ مون کان ڊڄو. اڄ مون توهان جي (فائدي جي) لاءِ توهانجو دين مڪمل ڪري ڇڏيو آهي ۽ توهانتي پنهنجي احسان کي پورو ڪري ڇڏيو آهي. ۽ توهانجي لاءِ دين جي طور اسلام کي پسند ڪيو آهي پر جيڪو شخص بک (جي حالت) ۾ مجبور ٿي وڃي ۽ اهو گناهہ ڏانهن جهڪڻ وارو نہ هجي (۽ حرام شين مان ڪجهہ کائي وٺي) تہ (ياد رکو تہ) الله يقينن (مجبوريءَ جي غلطين کي) ڍڪڻ بخشڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي.

يَسْـَٔلُوْنَكَ مَاذَآ اُحِلَّ لَهُمْ قُلْ اُحِلَّ لَكُمُ الطَّيِّبٰتُ

۵. (مسلمان) توکان پڇين ٿا تہ انهن جي لاءِ ڇا (ڇا) حلال ڪيو ويو آهي. تون چؤ تہ

وَمَا عَلَّمْتُمْ مِّنَ الْجَوَارِحِ مُكَلِّبِيْنَ تُعَلِّمُوْنَهُنَّ مِمَّا
عَلَّمَكُمُ اللّٰهُ فَكُلُوْا مِمَّآ اَمْسَكْنَ عَلَيْكُمْ وَاذْكُرُوا اسْمَ
اللّٰهِ عَلَيْهِ وَاتَّقُوا اللّٰهَ ۭ اِنَّ اللّٰهَ سَرِيْعُ الْحِسَابِ ۝٥

توهانجي لاءِ (سڀ) پاڪيزه شيون حلال ڪيون ويون آهن. ۽ (پڻ) شڪاري جانورن مان جنڪي توهان شڪار جي تعليم ڏئي سيکاريو. ڇاڪاڻ تہ توهان انهن کي انهيءَ (علم) جي ذريعي سيکاريو ٿا جيڪو الله توهان کي سيکاريو آهي پوءِ جنهن (شڪار) کي اهي توهانجي لاءِ روڪي رکن انهيءَ مان کائو انهيءَ تي الله جو نالو وٺندا ڪيو ۽ الله جي تقويٰ اختيار ڪيو الله يقيناً جلد حساب وٺڻ وارو آهي.

اَلْيَوْمَ اُحِلَّ لَكُمُ الطَّيِّبٰتُ ۭ وَطَعَامُ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ
حِلٌّ لَّكُمْ ۠ وَطَعَامُكُمْ حِلٌّ لَّهُمْ ۡ وَالْمُحْصَنٰتُ مِنَ
الْمُؤْمِنٰتِ وَالْمُحْصَنٰتُ مِنَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ
مِنْ قَبْلِكُمْ اِذَآ اٰتَيْتُمُوْهُنَّ اُجُوْرَهُنَّ مُحْصِنِيْنَ
غَيْرَ مُسٰفِحِيْنَ وَلَا مُتَّخِذِيْٓ اَخْدَانٍ ۭ وَمَنْ يَّكْفُرْ
بِالْاِيْمَانِ فَقَدْ حَبِطَ عَمَلُهٗ ۡ وَهُوَ فِي الْاٰخِرَةِ مِنَ
الْخٰسِرِيْنَ ۝٦ ع

٦- اڄ توهانجي لاءِ سڀئي پاڪيزه شيون حلال ڪيون ويون آهن ۽ توهانجي لاءِ انهن ماڻهن جو (پڪل) کاڌو جن کي ڪتاب ڏنو ويو هو حلال آهي ۽ توهان جو (پڪل) کاڌو انهن جي لاءِ حلال آهي ۽ پاڪدامن مومن عورتون ۽ جن ماڻهن کي توهان کان پهريائين ڪتاب ڏنو ويو هو انهن مان پاڪدامن عورتون جڏهين توهان انهن کي نڪاح ۾ آڻي نہ بدڪاريءَ جا مرتڪب ٿي ۽ نہ (ئي) ڳجها دوست بنائي انهن جا مهر انهن کي ڏئي ڇڏيو (توهان جي لاءِ جائز آهن) ۽ جيڪو شخص ايمان رکڻ جي باوجود ڪفر (اختيار) ڪري ٿو تہ (سمجهو تہ) انهيءَ جو عمل ضائع ٿي ويو ۽ اهو آخرت ۾ گهاٽو حاصل ڪرڻ وارن مان هوندو.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِذَا قُمْتُمْ اِلَى الصَّلٰوةِ فَاغْسِلُوْا
وُجُوْهَكُمْ وَاَيْدِيَكُمْ اِلَى الْمَرَافِقِ وَامْسَحُوْا بِرُءُوْسِكُمْ
وَاَرْجُلَكُمْ اِلَى الْكَعْبَيْنِ ۭ وَاِنْ كُنْتُمْ جُنُبًا فَاطَّهَّرُوْا ۭ
وَاِنْ كُنْتُمْ مَّرْضٰٓى اَوْ عَلٰي سَفَرٍ اَوْ جَاۗءَ اَحَدٌ مِّنْكُمْ مِّنَ
الْغَاۗىِٕطِ اَوْ لٰمَسْتُمُ النِّسَاۗءَ فَلَمْ تَجِدُوْا مَاۗءً فَتَيَمَّمُوْا

٧- اي ايماندارو ! جڏهين توهان نماز جي لاءِ اٿو تہ پنهنجو منهن (بہ) ۽ ٺونين تائين پنهنجا هٿ (بہ) ڌوئيندا ڪريو ۽ پنهنجي مٿن جو مسح ڪندا ڪيو ۽ مُرن تائين پنهنجا پير (بہ ڌوئيندا ڪيو) ۽ جيڪڏهين توهان مٿي ميرا هجو تہ وهنجندا ڪيو ۽

صعيدا طيبا فامسحوا بوجوهكم وايديكم منه ۗ ما يريد الله ليجعل عليكم من حرج ولكن يريد ليطهركم وليتم نعمته عليكم لعلكم تشكرون ۝٦

جيڪڏهين توهان بيمار (آهيو) يا سفر (جي حالت) ۾ آهيو (۽ توهان مان ڪو) ڪاڪوس مان اچي ۽ توهان عورتن سان مباشرت به ڪئي هجي ۽ توهانکي پاڻي نه ملي ته پاڪ مٽيءَ جو ارادو ڪيو ۽ انهيءَ مان ڪجهه (مٽي ڪڻي) پنهنجي منهن ۽ پنهنجن هٿن کي مليو. الله توهانتي ڪنهن به قسم جي تنگي ڪرڻ نه ٿو چاهي. ها اهو توهانکي پاڪ ڪرڻ ۽ توهان تي پنهنجي احسان کي پورو ڪرڻ چاهي ٿو انهيءَ لاءِ ته توهان شڪر ڪيو.

واذكروا نعمة الله عليكم وميثاقه الذي واثقكم به ۙ اذ قلتم سمعنا واطعنا ۡ واتقوا الله ۗ ان الله عليم بذات الصدور ۝٧

٨. ۽ جيڪو احسان الله جو توهانتي آهي (انهيءَ کي ياد ڪيو) ۽ انهيءَ پڪي عهد کي (به) جيڪو انهيءَ توهان کان (ان وقت) ورتو هو جڏهين توهان چيو هو ته اسان ٻڌو آهي ۽ اسان فرمانبردار ٿي ويا آهيون ياد رکو ۽ الله جي تقويٰ اختيار ڪيو. الله دلين جي ڀيدن کي خوب ڄاڻي ٿو.

يايها الذين امنوا كونوا قومين لله شهداء بالقسط ۡ ولا يجرمنكم شنان قوم على الا تعدلوا ۗ اعدلوا ۗ هو اقرب للتقوى ۡ واتقوا الله ۗ ان الله خبير بما تعملون ۝٨

٩. اي ايمان وارو! توهان انصاف سان شاهدي ڏيندي الله جي لاءِ ثابت قدم ٿي بيهو. ۽ ڪنهن به قوم جي دشمني توهانکي هرگز انهيءَ ڳالهه تي آماده نه ڪري جو توهان انصاف نه ڪيو. توهان انصاف ڪيو, اهو تقويٰ جي وڌيڪ ويجهو آهي ۽ الله جي تقويٰ اختيار ڪيو جيڪي ڪجهه توهان ڪيو ٿا الله انهيءَ کان آگاهه آهي.

وعد الله الذين امنوا وعملوا الصلحت ۙ لهم مغفرة واجر عظيم ۝٩

١٠. جن ماڻهن ايمان آندو آهي ۽ انهن نيڪ عمل ڪيا آهن انهن سان الله وعدو ڪيو آهي ته انهن جي لاءِ بخشش ۽ (تمام) وڏو اجر (مقدر) آهي.

اِلَّا قَلِيْلًا مِّنْهُمْ فَاعْفُ عَنْهُمْ وَاصْفَحْ ۭ اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ
الْمُحْسِنِيْنَ ⑬

جي جڳهن تان هيڏي هوڏي ڪري ڇڏين ٿا ۽
جنهن ڳالهہ جي انهن کي نصيحت ڪئي وئي
هئي. انهيءَ جو هڪ حصو وساري ويٺا آهن ۽
تون انهن جي ٿورن (فردن) کان سواءِ هميشه
انهن جي (طرف) کان ڪنهن (نہ ڪنهن)
خيانت تي اطلاع حاصل ڪندو رهندين. سو
تون انهن کي معاف ڪر ۽ انهن کان مڙي وڃ
الله احسان ڪرڻ وارن سان يقينن محبت
ڪري ٿو.

وَمِنَ الَّذِيْنَ قَالُوْٓا اِنَّا نَصٰرٰٓى اَخَذْنَا مِيْثَاقَهُمْ فَنَسُوْا
حَظًّا مِّمَّا ذُكِّرُوْا بِهٖ ۠ فَاَغْرَيْنَا بَيْنَهُمُ الْعَدَاوَةَ وَالْبَغْضَاۗءَ
اِلٰى يَوْمِ الْقِيٰمَةِ ۭ وَسَوْفَ يُنَبِّئُهُمُ اللّٰهُ بِمَا كَانُوْا
يَصْنَعُوْنَ ⑮

١٥- ۽ جيڪي ماڻهو چون ٿا تہ اسان نصارا
آهيون اسان انهن کان (بہ) عهد ورتو هو.
پوءِ انهن (بہ) جنهن ڳالهہ جي انهنکي
نصيحت ڪئي وئي هئي انهيءَ جو هڪ حصو
وساري ڇڏيو تڏهين اسان سندن وچم قيامت
جي ڏينهن تائين عداوت ۽ سخت دشمني
وجهي ڇڏي. ۽ جيڪي ڪجهہ اهي ڪندا
هئا الله انهيءَ کان انهن کي جلد آگاهہ
ڪندو.

يٰٓاَهْلَ الْكِتٰبِ قَدْ جَاۗءَكُمْ رَسُوْلُنَا يُبَيِّنُ لَكُمْ كَثِيْرًا
مِّمَّا كُنْتُمْ تُخْفُوْنَ مِنَ الْكِتٰبِ وَيَعْفُوْا عَنْ كَثِيْرٍ ڛ
قَدْ جَاۗءَكُمْ مِّنَ اللّٰهِ نُوْرٌ وَّكِتٰبٌ مُّبِيْنٌ ⑯ ۙ

١٦- اي اهل ڪتاب! اسانجو رسول توهان وٽ
اچي چڪو آهي(۽) جيڪي ڪجهہ توهان
ڪتاب مان لڪائيندا هئا اُهو انهيءَ مان
ڪافي (حصو) توهان سان بيان ڪريٿو ۽
گهڻن قصورن کي بہ معاف ڪري ٿو (ها)
توهان جي لاءِ الله جي طرفان هڪ نور ۽ هڪ
روشن ڪتاب اچي چڪو آهي.

يَّهْدِيْ بِهِ اللّٰهُ مَنِ اتَّبَعَ رِضْوَانَهٗ سُبُلَ السَّلٰمِ
وَيُخْرِجُهُمْ مِّنَ الظُّلُمٰتِ اِلَى النُّوْرِ بِاِذْنِهٖ وَيَهْدِيْهِمْ
اِلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ ⑰

١٧- الله انهيءَ جي ذريعي انهن (ماڻهن) کي
جيڪي انهيءَ جي رضا (جي راهہ) تي هلن
ٿا سلامتيءَ جي راهن تي هلائي ٿو ۽
پنهنجي حڪم سان انهنکي اونداهين کان نور
جي طرف ڪري وٺي وڃي ٿو ۽ سڌي رستي
ڏانهن انهن جي رهنمائي ڪري ٿو.

آيو آهي ۽ نہ ڊيڄارڻ وارو سو توهان وٽ هڪ بشارت ڏيڻ وارو ۽ ڊيڄارڻ وارو اچي ويو آهي ۽ الله هر هڪ ڳالهہ تي پورو (پورو) قادر آهي.

وَاِذْ قَالَ مُوْسٰى لِقَوْمِهٖ يٰقَوْمِ اذْكُرُوْا نِعْمَةَ اللّٰهِ عَلَيْكُمْ اِذْ جَعَلَ فِيْكُمْ اَنْۢبِيَآءَ وَجَعَلَكُمْ مُّلُوْكًا ۖۗ وَّاٰتٰىكُمْ مَّا لَمْ يُؤْتِ اَحَدًا مِّنَ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٢٠﴾

٢١. ۽ (توهان انهيءَ وقت کي ياد ڪيو) جڏهن موسيٰ پنهنجي قوم کي چيو هو تہ اي منهنجي قوم! توهان الله جي (انهيءَ) احسان کي ياد ڪيو جيڪو انهي (انهيءَ وقت) توهان تي ڪيو هو جڏهن هن توهان ۾ نبي مقرر ڪيا هئا ۽ توهانکي بادشاهہ بنايو هو ۽ توهانکي اهو ڪجهہ ڏنو هو جيڪو (دنيا جي) معلوم قومن مان ڪنهنکي نہ ڏنو هو.

يٰقَوْمِ ادْخُلُوا الْاَرْضَ الْمُقَدَّسَةَ الَّتِيْ كَتَبَ اللّٰهُ لَكُمْ وَلَا تَرْتَدُّوْا عَلٰٓى اَدْبَارِكُمْ فَتَنْقَلِبُوْا خٰسِرِيْنَ ﴿٢١﴾

٢٢. اي منهنجي قوم! (يعني قوم موسيٰ) توهان انهيءَ پاڪ ڪيل زمين ۾ داخل ٿي وڃو جيڪا الله توهانجي لاءِ لکي رکي آهي ۽ پوئين پيرن تي موٽي نہ وڃجو ٻيءَ صورت ۾ توهان نقصان حاصل ڪري موٽندو.

قَالُوْا يٰمُوْسٰٓى اِنَّ فِيْهَا قَوْمًا جَبَّارِيْنَ ۖ وَاِنَّا لَنْ نَّدْخُلَهَا حَتّٰى يَخْرُجُوْا مِنْهَا ۚ فَاِنْ يَّخْرُجُوْا مِنْهَا فَاِنَّا دٰخِلُوْنَ ﴿٢٢﴾

٢٣. انهن (جواب ۾) چيو تہ اي موسيٰ! هن (ملڪ) ۾ يقينن هڪ سرڪش قوم (رهي) ٿي ۽ جيستائين اهي (ماڻهو) انهيءَ مان نہ نڪري وڃن. اسان انهيءَ ۾ هرگز داخل نہ ٿينداسين ها جيڪڏهين اهي انهيءَ مان نڪري وڃن تہ اسان انهيءَ ۾ يقينن داخل ٿي ونداسين.

قَالَ رَجُلٰنِ مِنَ الَّذِيْنَ يَخَافُوْنَ اَنْعَمَ اللّٰهُ عَلَيْهِمَا ادْخُلُوْا عَلَيْهِمُ الْبَابَ ۚ فَاِذَا دَخَلْتُمُوْهُ فَاِنَّكُمْ غٰلِبُوْنَ ۚ وَعَلَى اللّٰهِ فَتَوَكَّلُوْٓا اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿٢٣﴾

٢٤. (تڏهين) جيڪي ماڻهون (الله کان) ڊنا ٿي انهن مان ٻن شخصن جن تي الله احسان ڪيو هو (انهنکي) چيو تہ توهان (انهن تي حملي آور ٿي) انهن جي خلاف (چڙهائي ڪندي) انهيءَ دروازي ۾ داخل ٿي وڃو. جڏهن توهان انهيءَ ۾ داخل ٿي ويندو تہ

ماڻهن کي زنده ڪري ڇڏيو. ۽ اسانجا رسول انهن وٽ يقينن ظاهر نشان ڪٺي آيا هئا. پوءِ بہ انهن مان ڪيترا (ماڻهو) ملڪ ۾ زيادتيون ڪندا رهن ٿا.

إِنَّمَا جَزَٰٓؤُا۟ ٱلَّذِينَ يُحَارِبُونَ ٱللَّهَ وَرَسُولَهُۥ وَيَسْعَوْنَ فِى ٱلْأَرْضِ فَسَادًا أَن يُقَتَّلُوٓا۟ أَوْ يُصَلَّبُوٓا۟ أَوْ تُقَطَّعَ أَيْدِيهِمْ وَأَرْجُلُهُم مِّنْ خِلَٰفٍ أَوْ يُنفَوْا۟ مِنَ ٱلْأَرْضِ ۚ ذَٰلِكَ لَهُمْ خِزْىٌ فِى ٱلدُّنْيَا ۖ وَلَهُمْ فِى ٱلْءَاخِرَةِ عَذَابٌ عَظِيمٌ ۙ ﴿٣٤﴾

٣٤. جيڪي ماڻهو الله ۽ انهيءَ جي رسول سان جنگ ڪن ٿا ۽ فساد جي غرض سان ملڪ ۾ (جنگ جي باهہ ڀڙڪائڻ لاءِ) ڊوڙندا (وتن) ٿا. انهنجي مناسب سزا اهائي آهي جو انهن مان هڪ هڪ کي قتل ڪيو وڃي يا صليب تي لٽڪائي ماريو وڃي يا انهن جا هٿ ۽ انهن جا پير مخالفت جي سببان ڪاٽيا وڃن يا انهنکي ملڪ مان ڪڍيو وڃي. (جيڪڏهين) اها (سزا ملين ها تہ) انهن جي لاءِ دنيا ۾ خواريءَ (جو سبب) ٿئي ها ۽ آخرت ۾ بہ انهن جي لاءِ (تمام) وڏو عذاب (مقرر) آهي.

إِلَّا ٱلَّذِينَ تَابُوا۟ مِن قَبْلِ أَن تَقْدِرُوا۟ عَلَيْهِمْ ۖ فَٱعْلَمُوٓا۟ أَنَّ ٱللَّهَ غَفُورٌ رَّحِيمٌ ﴿٣٥﴾ ٥ ع٨ ٩

٣٥. پر اُهي ماڻهو جيڪي انهيءَ کان اڳ جو توهان انهنکي قابوءَ ۾ رکو توبہ ڪري وٺن تہ ڇاڻي وٺو تہ الله يقينن ڏاڍو بخشڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي (انهيءَ سبب جي ڪري انهيءَ توبہ قبول ڪرڻ وارن کي سزا کان محفوظ ڪري ڇڏيو آهي).

يَٰٓأَيُّهَا ٱلَّذِينَ ءَامَنُوا۟ ٱتَّقُوا۟ ٱللَّهَ وَٱبْتَغُوٓا۟ إِلَيْهِ ٱلْوَسِيلَةَ وَجَٰهِدُوا۟ فِى سَبِيلِهِۦ لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُونَ ﴿٣٦﴾

٣٦. اي ايماندارو! الله جي تقويٰ اختيار ڪيو ۽ انهيءَ جي حضور ۾ قرب (حاصل ڪرڻ جون راهون) ڳوليو ۽ انهيءَ جي راهہ ۾ ڪوشش ڪيو تہ جيئن توهان ڪامياب ٿي وڃو.

إِنَّ ٱلَّذِينَ كَفَرُوا۟ لَوْ أَنَّ لَهُم مَّا فِى ٱلْأَرْضِ جَمِيعًا

٣٧. جيڪي ماڻهو ڪافر آهن جيڪڏهين زمين ۾ جيڪي (بہ ملي) ٿو (اهو) سڀ ۽

سَمّٰعُوْنَ لِقَوْمٍ اٰخَرِيْنَ لَمْ يَاْتُوْكَ يُحَرِّفُوْنَ الْكَلِمَ
مِنْۢ بَعْدِ مَوَاضِعِهٖ يَقُوْلُوْنَ اِنْ اُوْتِيْتُمْ هٰذَا فَخُذُوْهُ
وَاِنْ لَّمْ تُؤْتَوْهُ فَاحْذَرُوْا وَمَنْ يُّرِدِ اللّٰهُ فِتْنَتَهٗ
فَلَنْ تَمْلِكَ لَهٗ مِنَ اللّٰهِ شَيْـًٔا اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ لَمْ يُرِدِ
اللّٰهُ اَنْ يُّطَهِّرَ قُلُوْبَهُمْ لَهُمْ فِي الدُّنْيَا خِزْيٌ وَّ
لَهُمْ فِي الْاٰخِرَةِ عَذَابٌ عَظِيْمٌ ﴿٤١﴾

جلدي ڪن ٿا اهي توکي غمگين نہ ڪن ۽ يھودين مان بہ ڪي (اهڙا ماڻھو آهن جيڪي) ڪوڙين ڳالھين کي چڱيءَ طرح ٻڌن ٿا (اهي ھي ڳالھيون) ھڪ ٻئي جماعت کي (ٻڌائڻ جي) لاءِ جيڪا تو وٽ نہ آئي آهي ڪثرت سان ٻڌن ٿا، اهي (خدا جي) ڳالھين کي انھن جي (پنھنجي) ٺڪاڻي (تي رکڻ) کان پوءِ (سندن پنھنجي جڳھہ کان) ڦيرائي گھيرائي ڇڏين ٿا. اهي چون ٿا تہ جيڪڏھين توھان کي ھن ھن طرح (حڪم) ڏنو وڃي تہ قبول ڪري وٺو ۽ جيڪڏھين توھانکي ھن ھن طرح (حڪم) نہ ڏنو وڃي تہ (انھيءَ کان) بچو (۽ قبول نہ ڪيو) ۽ الله جنھنجي آزمائش جو ارادو ڪري تہ انھيءَ جي لاءِ الله جي مقابلي ۾ ڪجھہ بہ نہ ڪري سگھندو اهي ماڻھو (اهڙا ئي) آهن جو الله انھنجي دلين کي صاف ڪرڻ جو ارادو (ئي) نہ ڪيو ڇو جو انھن جي لاءِ (انھن جي عملن جي ڪري) ھن دنيا ۾ (بہ) خواري (مقدر) آهي ۽ آخرت ۾ (بہ) انھن جي لاءِ (تمام) وڏو عذاب (مقدر) آهي.

سَمّٰعُوْنَ لِلْكَذِبِ اَكّٰلُوْنَ لِلسُّحْتِ فَاِنْ جَآءُوْكَ
فَاحْكُمْ بَيْنَهُمْ اَوْ اَعْرِضْ عَنْهُمْ وَاِنْ تُعْرِضْ
عَنْهُمْ فَلَنْ يَّضُرُّوْكَ شَيْـًٔا وَاِنْ حَكَمْتَ
فَاحْكُمْ بَيْنَهُمْ بِالْقِسْطِ اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ
الْمُقْسِطِيْنَ ﴿٤٢﴾

۴۳. اهي (ماڻھو) ڪوڙين ڳالھين کي ڏاڍو ٻڌن ٿا (۽) حرام ڪثرت سان کائين ٿا پوءِ جيڪڏھين اهي تو وٽ (ڪو جھڳڙو ڪڻي) اچن تہ خواهہ انھن جي وچ ۾ فيصلو ڪر يا انھن کان پري رهہ. ۽ جيڪڏھين تون انھن کان پري رهين (تہ) اهي توکي ڪجھہ نقصان نہ پھچائي سگھندا ۽ جيڪڏھين تون فيصلو ڪرين تہ (اسانجي نصيحت ياد رک تہ بھرحال) انھن جي وچ ۾ انصاف سان فيصلو ڪر. الله يقينن انصاف ڪرڻ وارن

سان محبت ڪري ٿو.

وَكَيْفَ يُحَكِّمُوْنَكَ وَعِنْدَهُمُ التَّوْرٰىةُ فِيْهَا حُكْمُ اللّٰهِ ثُمَّ يَتَوَلَّوْنَ مِنْۢ بَعْدِ ذٰلِكَ ؕ وَمَآ اُولٰٓئِكَ بِالْمُؤْمِنِيْنَ ﴿٤٣﴾ ع ٦

۴۴- ۽ اهي توکي ڪهڙيءَ طرح حڪم بنائي سگهن ٿا جڏهن انهن وٽ تورات خود انهن وٽ الاهي حڪمن تي مشتمل موجود آهي پوءِ باوجود انهيءَ جي اهي پٺي ڦيرائي ٿا وڃن ۽ اهي هرگز مومن نہ آهن.

اِنَّآ اَنْزَلْنَا التَّوْرٰىةَ فِيْهَا هُدًى وَّنُوْرٌ ۚ يَحْكُمُ بِهَا النَّبِيُّوْنَ الَّذِيْنَ اَسْلَمُوْا لِلَّذِيْنَ هَادُوْا وَالرَّبّٰنِيُّوْنَ وَالْاَحْبَارُ بِمَا اسْتُحْفِظُوْا مِنْ كِتٰبِ اللّٰهِ وَكَانُوْا عَلَيْهِ شُهَدَآءَ ۚ فَلَا تَخْشَوُا النَّاسَ وَاخْشَوْنِ وَلَا تَشْتَرُوْا بِاٰيٰتِيْ ثَمَنًا قَلِيْلًا ؕ وَمَنْ لَّمْ يَحْكُمْ بِمَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْكٰفِرُوْنَ ﴿٤٤﴾

۴۵- اسان تورات کي يقينن هدايت ۽ نور سان پُر لاٿو هو ۽ انهيءَ جي ذريعي سان انبياءِ جيڪي (اسانجا) فرمانبردار هئا ۽ عارف ۽ عالم انهيءَ سبب جي ڪري جو انهن کان الله جي ڪتاب جي حفاظت طلب ڪئي وئي هئي ۽ اهي انهيءَ تي نگران هئا يهودين لاءِ فيصلا ڪندا هئا. پوءِ توهان ماڻهن کان نہ ڊڄو ۽ مون کان ڊڄو ۽ توهان منهنجن آيتن جي بدلي ۾ ٿورڙي قيمت نہ وٺو ۽ جيڪي (ماڻهو) هن (ڪلام) جي مطابق جيڪو الله لاٿو آهي فيصلو نہ ڪن تہ اهي (حقيقي) ڪافر آهن.

وَكَتَبْنَا عَلَيْهِمْ فِيْهَآ اَنَّ النَّفْسَ بِالنَّفْسِ ۙ وَالْعَيْنَ بِالْعَيْنِ وَالْاَنْفَ بِالْاَنْفِ وَالْاُذُنَ بِالْاُذُنِ وَالسِّنَّ بِالسِّنِّ ۙ وَالْجُرُوْحَ قِصَاصٌ ؕ فَمَنْ تَصَدَّقَ بِهٖ فَهُوَ كَفَّارَةٌ لَّهٗ ؕ وَمَنْ لَّمْ يَحْكُمْ بِمَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الظّٰلِمُوْنَ ﴿٤٥﴾

۴۶- ۽ اسان انهيءَ (تورات) ۾ انهن تي فرض ڪيو هو تہ جان جي بدلي ۾ جان ۽ اک جي بدلي ۾ اک ۽ نڪ جي بدلي ۾ نڪ ۽ ڪن جي بدلي ۾ ڪن ۽ ڏند جي بدلي ۾ ڏند ۽ پڻ (زخمن جي بدلي ۾) زخم برابر جو بدلو آهن پر جيڪو شخص (پنهنجي) انهيءَ (حق) کي ڇڏي ڏئي ٿو (انهيءَ جو اهو فعل) انهيءَ جي لاءِ گناهہ جي معافي جو ذريعو ٿي ويندو ۽ جيڪي (ماڻهو) هن (ڪلام) جي مطابق فيصلو نہ ڪن جيڪو الله نازل ڪيو آهي تہ اهي ئي (حقيقي) ظالم آهن.

وَقَفَّيْنَا عَلٰٓى اٰثَارِهِمْ بِعِيْسَى ابْنِ مَرْيَمَ مُصَدِّقًا

۴۷- اسان عيسيٰ بن مريم کي جڏهن هو هن

لِّمَا بَيْنَ يَدَيْهِ مِنَ التَّوْرٰىةِ وَاٰتَيْنٰهُ الْاِنْجِيْلَ فِيْهِ هُدًى وَّنُوْرٌ ۙ وَّمُصَدِّقًا لِّمَا بَيْنَ يَدَيْهِ مِنَ التَّوْرٰىةِ وَهُدًى وَّمَوْعِظَةً لِّلْمُتَّقِيْنَ ۝٤٦

(ڪلام) يعني تورات کي پورو ڪرڻ وارو هو. انهن (مٿي ذڪر ڪيل نبين) جي نقش قدم تي هلايو ۽ اسان هن کي انجيل ڏنو هو جنهن ۾ هدايت ۽ نور هو ۽ اهو انهي (ڪلام) کي جيڪو انهيءَ کان پهرين (اچي چڪو) هو پورو ڪرڻ وارو هو. ۽ اهو متقين جي لاءِ هدايت ۽ نصيحت هو.

وَلْيَحْكُمْ اَهْلُ الْاِنْجِيْلِ بِمَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ فِيْهِ ۭ وَمَنْ لَّمْ يَحْكُمْ بِمَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ فَاُولٰۗىِٕكَ هُمُ الْفٰسِقُوْنَ ۝٤٧

۴۸- ۽ اهل انجيل کي گهرجي تہ الله جيڪي (ڪجهہ) انهيءَ ۾ لاٿو آهي انهيءَ جي مطابق فيصلو ڪن ۽ جيڪي (ماڻهو) انهيءَ (ڪلام) جي مطابق فيصلو نہ ڪن جيڪو الله لاٿو آهي تہ اهي ئي (پڪا) باغي آهن.

وَاَنْزَلْنَآ اِلَيْكَ الْكِتٰبَ بِالْحَقِّ مُصَدِّقًا لِّمَا بَيْنَ يَدَيْهِ مِنَ الْكِتٰبِ وَمُهَيْمِنًا عَلَيْهِ فَاحْكُمْ بَيْنَهُمْ بِمَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ وَلَا تَتَّبِعْ اَهْوَاۗءَهُمْ عَمَّا جَاۗءَكَ مِنَ الْحَقِّ ۭ لِكُلٍّ جَعَلْنَا مِنْكُمْ شِرْعَةً وَّمِنْهَاجًا ۭ وَلَوْ شَاۗءَ اللّٰهُ لَجَعَلَكُمْ اُمَّةً وَّاحِدَةً وَّلٰكِنْ لِّيَبْلُوَكُمْ فِيْ مَآ اٰتٰىكُمْ فَاسْتَبِقُوا الْخَيْرٰتِ ۭ اِلَى اللّٰهِ مَرْجِعُكُمْ جَمِيْعًا فَيُنَبِّئُكُمْ بِمَا كُنْتُمْ فِيْهِ تَخْتَلِفُوْنَ ۝٤٨

۴۹- ۽ اسان توتي هن ڪتاب کي حق تي مشتمل لاٿو آهي اهو پاڻ کان پهرئين ڪتاب (جي ڳالهين) کي پورو ڪرڻ وارو آهي ۽ انهيءَ تي محافظ آهي. پوءِ تون انهيءَ (ڪتاب) جي مطابق جيڪو الله (توتي) لاٿو آهي انهنجي وچ ۾ فيصلو ڪر ۽ جيڪو حق تو ڏانهن آيو آهي انهيءَ کي ڇڏي انهن جي خواهشن جي پيروي نہ ڪر اسان توهان سان هر هڪ جي لاءِ (پنهنجي پنهنجي لياقت جي مطابق الهامي) پاڻيءَ تائين پهچڻ جي لاءِ هڪ ننڍو يا وڏو رستو بنايو آهي ۽ جيڪڏهين الله چاهي ها تہ توهان (سڀني) کي هڪ ئي جماعت بنائي ڇڏي ها پر (انهيءَ ڪلام جي متعلق) توهانجي امتحان وٺڻ جي لاءِ جيڪو انهيءَ توهان تي لاٿو هو (ائين نہ ڪيو) پوءِ توهان نيڪين ۾ هڪ ٻئي کان وڌڻ جي لاءِ مقابلو ڪيو. ڇو جو الله ڏانهن ئي توهان سڀني کي موٽي وڃڻو آهي. جڏهين تہ اهو توهان کي انهن سڀني

ڳالهين ۾ جن ۾ توهان اختلاف رکندا هئا حقيقت کان واقف ڪندو.

وَ اَنِ احْكُمْ بَيْنَهُمْ بِمَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ وَلَا تَتَّبِعْ اَهْوَآءَهُمْ وَاحْذَرْهُمْ اَنْ يَّفْتِنُوْكَ عَنْ بَعْضِ مَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ اِلَيْكَ ۚ فَاِنْ تَوَلَّوْا فَاعْلَمْ اَنَّمَا يُرِيْدُ اللّٰهُ اَنْ يُّصِيْبَهُمْ بِبَعْضِ ذُنُوْبِهِمْ ۗ وَاِنَّ كَثِيْرًا مِّنَ النَّاسِ لَفٰسِقُوْنَ ﴿٥٠﴾

٥٠. ۽ اي رسول ! تون انهن جي وچ ۾ هن ڪلام جي ذريعي فيصلو ڪر جيڪو الله (توتي) لاٿو آهي ۽ تون انهن جي خواهشن جي پيروي نہ ڪر ۽ انهن کان هوشيار رهہ متان اهي توکي فتني ۾ وجهي الله جي لاٿل ڪلام کان پري نہ وٺي وڃن پوءِ جيڪڏهين اهي ڦري وڃن تہ سمجهہ تہ الله چاهيٿو تہ انهن جي ڪن گناهن جي سببان سزا ڏئي ۽ ماڻهن مان گهڻا ماڻهو انجام ٽوڙيندڙ آهن.

اَفَحُكْمَ الْجَاهِلِيَّةِ يَبْغُوْنَ ۗ وَمَنْ اَحْسَنُ مِنَ اللّٰهِ حُكْمًا لِّقَوْمٍ يُّوْقِنُوْنَ ﴿٥١﴾

٥١. ڇا اهي ڪلام الاهي جي نازل ٿيڻ کان پهريان واري فيصلي کي پسند ڪن ٿا پر مومنن وٽ تہ الله کان وڌيڪ سٺو فيصلو ڪرڻ وارو ڪوبہ ڪونهي.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَتَّخِذُوا الْيَهُوْدَ وَالنَّصٰرٰٓى اَوْلِيَآءَ ۘ بَعْضُهُمْ اَوْلِيَآءُ بَعْضٍ ۗ وَمَنْ يَّتَوَلَّهُمْ مِّنْكُمْ فَاِنَّهٗ مِنْهُمْ ۗ اِنَّ اللّٰهَ لَا يَهْدِى الْقَوْمَ الظّٰلِمِيْنَ ﴿٥٢﴾

٥٢. اي ايمان وارو! يهودين ۽ نصارن کي (پنهنجو) مددگار نہ بڻايو (ڇو جو) انهن مان ڪي ڪن جا مددگار آهن ۽ توهان مان جيڪو (بہ) انهنکي پنهنجو مددگار بڻائيندو ـ اهو يقينن انهن مان (ئي) هوندو الله ظالم ماڻهن کي هرگز (ڪاميابيءَ جي) راهہ نٿو ڏيکاري.

فَتَرَى الَّذِيْنَ فِىْ قُلُوْبِهِمْ مَّرَضٌ يُّسَارِعُوْنَ فِيْهِمْ يَقُوْلُوْنَ نَخْشٰٓى اَنْ تُصِيْبَنَا دَآئِرَةٌ ۗ فَعَسَى اللّٰهُ اَنْ يَّاْتِىَ بِالْفَتْحِ اَوْ اَمْرٍ مِّنْ عِنْدِهٖ فَيُصْبِحُوْا عَلٰى مَآ اَسَرُّوْا فِىْٓ اَنْفُسِهِمْ نٰدِمِيْنَ ﴿٥٣﴾

٥٣. ۽ تون انهن ماڻهن کي جن جي دلين ۾ بيماري آهي ڏسندين تہ اهي هي چوندي انهن (ڪافرن) ڏانهن ڊوڙي (ڊوڙي) وڃن ٿا (۽ چون ٿا) تہ اسان (انهيءَ ڳالهہ کان) ڊڄون ٿا تہ اسان تي ڪا مصيبت (نہ) اچي وڃي. پوءِ ويجهو آهي جو الله (توهانجي) فتح (جو سامان) يا پنهنجي طرفان ڪو (بيو) امر (ظهور ۾) آڻي جنهن سان اهي هن

ڳالهہ تي جنهنکي انهن پنهنجي دل ۾ لڪايو آهي پشيمان ٿي وڃن.

وَيَقُوْلُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اَهٰٓؤُلَآءِ الَّذِيْنَ اَقْسَمُوْا بِاللّٰهِ جَهْدَ اَيْمَانِهِمْ ۙ اِنَّهُمْ لَمَعَكُمْ ۭ حَبِطَتْ اَعْمَالُهُمْ فَاَصْبَحُوْا خٰسِرِيْنَ ﴿٥٤﴾

٥٤- ۽ جيڪي مائهو مومن آهن چوندا تہ ڇا هي اهي مائهو آهن جن (وڏي ۾) وڏا قسم کائي چيو هو تہ اسان پوريءَ طرح توهان سان آهيون انهن جا عمل ضايع ٿي ويا. پوءِ اهي نقصان کڻڻ وارا ٿي ويا.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مَنْ يَّرْتَدَّ مِنْكُمْ عَنْ دِيْنِهٖ فَسَوْفَ يَاْتِي اللّٰهُ بِقَوْمٍ يُّحِبُّهُمْ وَيُحِبُّوْنَهٗٓ ۙ اَذِلَّةٍ عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ اَعِزَّةٍ عَلَى الْكٰفِرِيْنَ ۡ يُجَاهِدُوْنَ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَلَا يَخَافُوْنَ لَوْمَةَ لَآئِمٍ ۭ ذٰلِكَ فَضْلُ اللّٰهِ يُؤْتِيْهِ مَنْ يَّشَآءُ ۭ وَاللّٰهُ وَاسِعٌ عَلِيْمٌ ﴿٥٥﴾

٥٥- اي ايماندارو! توهان مان جيڪو (شخص) پنهنجي دين کان ڦري وڃي تہ (اهو ياد رکي) الله (انهيءَ جي جڳهہ) جلد (ئي) هڪ اهڙي قوم آڻيندو جنهن سان هو محبت ڪندو هوندو ۽ اهي هن سان محبت ڪندا هوندا جيڪي مومنن تي شفقت ڪرڻ وارا هوندا ۽ ڪافرن جي مقابلي سخت ـ اهي الله جي راهہ ۾ جهاد ڪندا ۽ ڪنهن ملامت ڪرڻ واري جي ملامت کان نہ ڊڄندا. اهو الله جو فضل آهي. هو جنهنکي پسند ڪريٿو (هيءُ فضل انهيءَ کي) ڏيني ڇڏيٿو ۽ الله وسعت بخشڻ وارو (۽) ڏاڍو ڄاڻڻ وارو آهي.

اِنَّمَا وَلِيُّكُمُ اللّٰهُ وَرَسُوْلُهٗ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوا الَّذِيْنَ يُقِيْمُوْنَ الصَّلٰوةَ وَيُؤْتُوْنَ الزَّكٰوةَ وَهُمْ رٰكِعُوْنَ ﴿٥٦﴾

٥٦- توهانجو مددگار صرف الله ۽ انهيءَ جو رسول ۽ اهي مومن آهن جيڪي نماز کي قائم ڪن ٿا ۽ زڪوات ڏين ٿا ۽ (انهيءَ سان گڏ) اهي پڪا موحد آهن.

وَمَنْ يَّتَوَلَّ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا فَاِنَّ حِزْبَ اللّٰهِ هُمُ الْغٰلِبُوْنَ ﴿٥٧﴾ ع ٦ ١٢

٥٧- ۽ جيڪي مائهو الله ۽ انهيءَ جي رسول ۽ مومنن کي پنهنجو مددگار بنائين ٿا (اهي سمجهي ڇڏين تہ) يقينن الله جي جماعت ئي غالب (ٿي رهڻ واري) آهي.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَتَّخِذُوا الَّذِيْنَ اتَّخَذُوْا دِيْنَكُمْ هُزُوًا وَّلَعِبًا مِّنَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ مِنْ قَبْلِكُمْ وَالْكُفَّارَ

٥٨- اي ايماندارو! جن کي توهان کان پهريائين ڪتاب ڏنو ويو هو انهن مان جن توهانجي دين کي کل مسخري ۽ تماشي (جي

أَوْلِيَآءَ ۚ وَاتَّقُوا اللّٰهَ إِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿٥٨﴾

شيءِ) بنائي رکيو آهي انهن کي ۽ (انهن کان سواءِ ٻين) ڪافرن کي (پنهنجو) مددگار نہ بڻايو ۽ جيڪڏهين توهان مومن آهيو تہ الله جي تقويٰ اختيار ڪيو.

وَإِذَا نَادَيْتُمْ إِلَى الصَّلٰوةِ اتَّخَذُوْهَا هُزُوًا وَّلَعِبًا ۚ ذٰلِكَ بِأَنَّهُمْ قَوْمٌ لَّا يَعْقِلُوْنَ ﴿٥٩﴾

٥٩- ۽ جڏهين توهان (ماڻهن کي) نماز جي لاءِ سڏيو ٿا تہ اهي انهيءَ کي کل مسخري ۽ تماشو بڻائي ٿا وٺن.هيءَ (ڳالهہ انهن ۾) انهيءَ ڪري (ملي) ٿي جو اهي اهڙا ماڻهو آهن جيڪي عقل کان ڪم نہ ٿا وٺن.

قُلْ يٰٓأَهْلَ الْكِتٰبِ هَلْ تَنْقِمُوْنَ مِنَّآ إِلَّآ أَنْ اٰمَنَّا بِاللّٰهِ وَمَآ أُنْزِلَ إِلَيْنَا وَمَآ أُنْزِلَ مِنْ قَبْلُ ۙ وَأَنَّ أَكْثَرَكُمْ فٰسِقُوْنَ ﴿٦٠﴾

٦٠- تون (انهن کي) چؤ تہ اي اهل ڪتاب ! توهان اسانتي انهيءَ کان سواءِ ڪو عيب نہ ٿا لڳايو تہ اسان الله تي (بہ) ۽ جيڪو (ڪلام) اسان تي لاٿو ويو آهي (انهيءَ تي بہ) ۽ جيڪو (ڪلام هن کان) اڳ لاٿو ويو هو انهيءَ تي (بہ) ايمان آندو اٿئون ۽ (پڻ) انهيءَ ڪري (عيب جو ٿي ڪيو ٿا) جو توهان مان اڪثر (الله جا) باغي آهن.

قُلْ هَلْ أُنَبِّئُكُمْ بِشَرٍّ مِّنْ ذٰلِكَ مَثُوْبَةً عِنْدَ اللّٰهِ ۗ مَنْ لَّعَنَهُ اللّٰهُ وَغَضِبَ عَلَيْهِ وَجَعَلَ مِنْهُمُ الْقِرَدَةَ وَالْخَنَازِيْرَ وَعَبَدَ الطَّاغُوْتَ ۗ أُولٰٓئِكَ شَرٌّ مَّكَانًا وَّأَضَلُّ عَنْ سَوَآءِ السَّبِيْلِ ﴿٦١﴾

٦١- تون (انهنکي) کي چؤ تہ ڇا مان توهان کي انهن (ماڻهن) جو حال ٻڌايان جن جو بدلو الله وٽ انهيءَ (شخص) کان بہ (جنهنکي توهان نا پسند ڪيو ٿا) بدتر آهي. اِهي (اُهي) ماڻهون آهن جن تي الله لعنت ڪئي آهي ۽ جن تي انهيءَ (پنهنجو) غضب نازل ڪيو آهي ۽ جن مان (ڪن کي) انهيءَ باندر ۽ سوئر بنائي ڇڏيو آهي ۽ جن شيطان جي پوڄا ڪئي آهي انهن ماڻهن جو ٺڪاڻو بدتر آهي ۽ اهي سڌي رستي کان تمام گهڻو ڀٽڪيل آهن.

وَإِذَا جَآءُوْكُمْ قَالُوْٓا اٰمَنَّا وَقَدْ دَّخَلُوْا بِالْكُفْرِ وَهُمْ قَدْ خَرَجُوْا

٦٢- ۽ جڏهين اهي تو وٽ اچن ٿا تہ چون ٿا تہ اسان ايمان آندو آهي حالانڪ اهي ڪفر

بِهٖ ۚ وَاللّٰهُ اَعۡلَمُ بِمَا كَانُوۡا يَكۡتُمُوۡنَ ﴿٦٢﴾

(جي ني عقيدي) ساڻ (ئي) داخل ٿيا هئا ۽ (وري) اهي انهيءَ (عقيدي) سان (ئي) نڪري ويا هئا ۽ جيڪي ڪي اهي لڪائين ٿا انهيءَ کي الله (سڀ کان) وڌيڪ ڄاڻي ٿو.

وَتَرٰى كَثِيۡرًا مِّنۡهُمۡ يُسَارِعُوۡنَ فِى الۡاِثۡمِ وَالۡعُدۡوَانِ وَاَكۡلِهِمُ السُّحۡتَ ؕ لَبِئۡسَ مَا كَانُوۡا يَعۡمَلُوۡنَ ﴿٦٣﴾

٦٣- ۽ تون انهن مان گهڻن کي ڏسين ٿو ته اهي گناه ۽ زيادتي ۽ پنهنجي حرام کائڻ (جي ڪمن) ڏانهن ڊوڙي وڃن ٿا. جيڪي ڪجهه اهي ڪن ٿا اهو يقينن ڏاڍو برو آهي.

لَوۡلَا يَنۡهٰٮهُمُ الرَّبّٰنِيُّوۡنَ وَالۡاَحۡبَارُ عَنۡ قَوۡلِهِمُ الۡاِثۡمَ وَاَكۡلِهِمُ السُّحۡتَ ؕ لَبِئۡسَ مَا كَانُوۡا يَصۡنَعُوۡنَ ﴿٦٤﴾

٦٤- عارف (ماڻهو) ۽ عالم انهنکي انهن جي ڪوڙ ڳالهائڻ ۽ انهنجي حرام کائڻ کان ڇونٿا روڪين؟ جيڪي ڪجهه اهي ڪن ٿا اهو يقينن ڏاڍو برو آهي.

وَقَالَتِ الۡيَهُوۡدُ يَدُ اللّٰهِ مَغۡلُوۡلَةٌ ؕ غُلَّتۡ اَيۡدِيۡهِمۡ وَلُعِنُوۡا بِمَا قَالُوۡا ۘ بَلۡ يَدٰهُ مَبۡسُوۡطَتٰنِ ۙ يُنۡفِقُ كَيۡفَ يَشَآءُ ؕ وَلَيَزِيۡدَنَّ كَثِيۡرًا مِّنۡهُمۡ مَّاۤ اُنۡزِلَ اِلَيۡكَ مِنۡ رَّبِّكَ طُغۡيَانًا وَّكُفۡرًا ؕ وَاَلۡقَيۡنَا بَيۡنَهُمُ الۡعَدَاوَةَ وَالۡبَغۡضَآءَ اِلٰى يَوۡمِ الۡقِيٰمَةِ ؕ كُلَّمَاۤ اَوۡقَدُوۡا نَارًا لِّلۡحَرۡبِ اَطۡفَاَهَا اللّٰهُ ۙ وَيَسۡعَوۡنَ فِى الۡاَرۡضِ فَسَادًا ؕ وَاللّٰهُ لَا يُحِبُّ الۡمُفۡسِدِيۡنَ ﴿٦٥﴾

٦٥- ۽ يهودي چون ٿا ته الله جي هٿن ۾ زنجير پيل آهي. جيڪي ڪجهه انهن چيو آهي انهيءَ سببان (خود) انهن جي هٿن ۾ زنجيرون وڌيون وينديون ۽ انهن تي لعنت ڪئي ويندي (اهي ڪوڙ ڳالهائين ٿا) حقيقت اها آهي ته انهيءَ جا هٿ ڪشادا آهن هو جهڙيءَ طرح پسند ڪري ٿو خرچ ڪريٿو ۽ جيڪي ڪجهه تنهنجي رب جي طرفان توتي لاٿو ويو آهي اهو يقينن انهن مان گهڻن کي سرڪشيءَ ۽ ڪفر ۾ (اڃا به) وڌيڪ ڪري ڇڏيندو ۽ اسان قيامت تائين انهن جي وچ ۾ دشمني ۽ بغض پيدا ڪري ڇڏيو آهي ۽ جڏهين به انهن جنگ جي لاءِ ڪنهن قسم جي باهه ڀڙڪائي آهي ته الله انهيءَ کي وسائي ڇڏيو آهي ۽ اهي ملڪ ۾ فساد جي لاءِ ڊوڙندا (وتن) ٿا ۽ الله فسادين کي پسند نٿو ڪري.

وَلَوْ اَنَّ اَهْلَ الْكِتٰبِ اٰمَنُوْا وَاتَّقَوْا لَكَفَّرْنَا عَنْهُمْ سَيِّاٰتِهِمْ وَلَاَدْخَلْنٰهُمْ جَنّٰتِ النَّعِيْمِ ﴿٦٦﴾

٦٦ـ ۽ جيڪڏهين اهل ڪتاب ايمان آڻين ها ۽ تقويٰ اختيار ڪن ها تہ اسان ضرور سندن برايون انهن کان ٽاري ڇڏيون ها ۽ ضرور انهن کي (ڪيترن قسمن جي) نعمتن وارن باغن ۾ داخل ڪيون ها.

وَلَوْ اَنَّهُمْ اَقَامُوا التَّوْرٰىةَ وَالْاِنْجِيْلَ وَمَآ اُنْزِلَ اِلَيْهِمْ مِّنْ رَّبِّهِمْ لَاَكَلُوْا مِنْ فَوْقِهِمْ وَمِنْ تَحْتِ اَرْجُلِهِمْ ؕ مِنْهُمْ اُمَّةٌ مُّقْتَصِدَةٌ ؕ وَكَثِيْرٌ مِّنْهُمْ سَآءَ مَا يَعْمَلُوْنَ ﴿٦٧﴾ ع ٩ ١٣

٦٧ـ ۽ جيڪڏهين اهي تورات ۽ انجيل کي ۽ جيڪي (ڪجهہ) انهن جي رب جي طرفان (هاڻي) انهن تي لاٿو ويو آهي انهيءَ کي ظاهر ڪندا رهن ها تہ اهي ضرور پنهنجي مٿان بہ کائين ها ۽ پنهنجي پيرن هيٺان بہ (کائين ها) (بيشڪ) انهن مان هڪ جماعت وچٿري آهي. پر ڪيترائي انهن مان اهڙا آهن جو جيڪو (ڪم) اهي ڪن ٿا سو ڏاڍو برو آهي.

يٰۤاَيُّهَا الرَّسُوْلُ بَلِّغْ مَآ اُنْزِلَ اِلَيْكَ مِنْ رَّبِّكَ ؕ وَاِنْ لَّمْ تَفْعَلْ فَمَا بَلَّغْتَ رِسَالَتَهٗ ؕ وَاللّٰهُ يَعْصِمُكَ مِنَ النَّاسِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا يَهْدِى الْقَوْمَ الْكٰفِرِيْنَ ﴿٦٨﴾

٦٨ـ اي رسول! تنهنجي رب جي طرفان جيڪو (ڪلام بہ) توتي لاٿو ويو آهي انهيءَ کي (ماڻهن تائين) پهچاءِ ۽ جيڪڏهين تو (ائين) نہ ڪيو تہ (ڄڻ) تو انهيءَ جو پيغام (بلڪل) نہ پهچايو ۽ الله توکي ماڻهن (جي حملن) کان محفوظ رکندو. الله ڪافر ماڻهن کي هرگز (ڪاميابيءَ جي) راهہ نہ ڏيکاريندو.

قُلْ يٰۤاَهْلَ الْكِتٰبِ لَسْتُمْ عَلٰى شَىْءٍ حَتّٰى تُقِيْمُوا التَّوْرٰىةَ وَالْاِنْجِيْلَ وَمَآ اُنْزِلَ اِلَيْكُمْ مِّنْ رَّبِّكُمْ ؕ وَلَيَزِيْدَنَّ كَثِيْرًا مِّنْهُمْ مَّآ اُنْزِلَ اِلَيْكَ مِنْ رَّبِّكَ طُغْيَانًا وَّكُفْرًا ۚ فَلَا تَاْسَ عَلَى الْقَوْمِ الْكٰفِرِيْنَ ﴿٦٩﴾

٦٩ـ تون چؤ (تہ) اي اهل ڪتاب! جيستائين توهان تورات ۽ انجيل (کي) ۽ جيڪي ڪجهہ توهان جي رب جي طرفان توهانتي لاٿو ويو آهي انهيءَ کي ظاهر نہ ڪندو (انهيءَ وقت تائين) توهان ڪنهن (چڱي) ڳالهہ تي (قائم) نہ آهيو ۽ جيڪي ڪجهہ توتي تنهنجي رب جي طرفان لاٿو ويو آهي اهو انهن مان گهڻن کي سرڪشي ۽

لَقَدْ كَفَرَ الَّذِيْنَ قَالُوْٓا اِنَّ اللّٰهَ ثَالِثُ ثَلٰثَةٍ ۘ وَمَا مِنْ اِلٰهٍ اِلَّآ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ ۭ وَاِنْ لَّمْ يَنْتَهُوْا عَمَّا يَقُوْلُوْنَ لَيَمَسَّنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿۷۳﴾

۷۳ جن مائهن اهو چيو آهي تہ الله يقينن ٽن مان هڪ آهي اهي يقينن ڪافر ٿي ويا ۽ سواءِ هڪ معبود جي ڪو ٻيو معبود ڪونهي ۽ جيڪي ڪجهہ اهي چون ٿا جيڪڏهين اهي انهيءَ کان باز نہ آيا تہ انهن مان جن ڪفر اختيار ڪيو آهي انهنکي ضرور دردناڪ عذاب پهچندو.

اَفَلَا يَتُوْبُوْنَ اِلَى اللّٰهِ وَيَسْتَغْفِرُوْنَهٗ ۭ وَاللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿۷۴﴾

۷۴ پوءِ ڇا اهي (مائهو) الله ڏانهن نہ ٿا جهڪن ۽ انهيءَ کان (پنهنجن گناهن جي) معافي (نٿا) گهرن. حالانڪ الله ڏاڍو بخشڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي.

مَا الْمَسِيْحُ ابْنُ مَرْيَمَ اِلَّا رَسُوْلٌ ۚ قَدْ خَلَتْ مِنْ قَبْلِهِ الرُّسُلُ ۭ وَاُمُّهٗ صِدِّيْقَةٌ ۭ كَانَا يَاْكُلٰنِ الطَّعَامَ ۭ اُنْظُرْ كَيْفَ نُبَيِّنُ لَهُمُ الْاٰيٰتِ ثُمَّ انْظُرْ اَنّٰى يُؤْفَكُوْنَ ﴿۷۵﴾

۷۵ مسيح ابن مريم صرف هڪ رسول هو انهيءَ کان پهريائين رسول (بہ) فوت ٿي چڪا آهن ۽ انهيءَ جي ماءُ ڏاڍي پاڪدامن (هئي) اهي ٻئي کاڌو کائيندا هئا. ڏس اسان ڪيئن انهنجي (فائدي جي) لاءِ دليل بيان ڪيون ٿا. پوءِ ڏس تہ انهن جو خيال ڪيئن بدلايو وڃي ٿو.

قُلْ اَتَعْبُدُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ مَا لَا يَمْلِكُ لَكُمْ ضَرًّا وَّلَا نَفْعًا ۭ وَاللّٰهُ هُوَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ ﴿۷۶﴾

۷۶ تون چئو (تہ) ڇا توهان الله کي ڇڏي انهن (شين) جي پوڄا ڪيو ٿا جيڪي نہ توهان کي نقصان پهچائڻ جي قدرت رکن ٿيون ۽ نہ نفعي پهچائڻ جي ۽ الله ئي آهي جيڪو ڏاڍو ٻڌڻ وارو (۽) ڏاڍو ڄاڻڻ وارو آهي.

قُلْ يٰٓاَهْلَ الْكِتٰبِ لَا تَغْلُوْا فِيْ دِيْنِكُمْ غَيْرَ الْحَقِّ وَلَا تَتَّبِعُوْٓا اَهْوَاۗءَ قَوْمٍ قَدْ ضَلُّوْا مِنْ قَبْلُ وَاَضَلُّوْا كَثِيْرًا وَّضَلُّوْا عَنْ سَوَاۗءِ السَّبِيْلِ ﴿۷۷﴾ ع ۱۴

۷۷ تون چئو (تہ) اي اهل ڪتاب! پنهنجي دين جي متعلق ناجائز (طور تي) تمام گهڻي وڌاءُ کان نہ ڪم وٺو ۽ انهن مائهن جي خواهشن جي پيروي نہ ڪيو جيڪي هن کان پهريان (پاڻ بہ) گمراهہ ٿي چڪا آهن ۽ (ٻين) ڪيترن کي (بہ) انهن گمراهہ ڪيو

آهي ۽ سڌي رستي کان ڀٽڪي ويا آهن.

لُعِنَ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا مِنۡۢ بَنِىۡۤ اِسۡرَآءِيۡلَ عَلٰى لِسَانِ دَاوٗدَ وَعِيۡسَى ابۡنِ مَرۡيَمَ‌ ؕ ذٰ لِكَ بِمَا عَصَوْا وَّكَانُوۡا يَعۡتَدُوۡنَ ﴿۷۹﴾

٧٩. بني اسرائيل مان جن ڪفر اختيار ڪيو آهي انهن تي دائود ۽ عيسيٰ بن مريم جي زبان سان لعنت ڪئي وئي هئي (۽) اهو انهي سبب ڪري ٿيو هو جو انهن نافرماني ڪئي هئي ۽ حد کان وڌي ٿي ويا.

كَانُوۡا لَا يَتَـنَاهَوۡنَ عَنۡ مُّنۡكَرٍ فَعَلُوۡهُ‌ ؕ لَبِئۡسَ مَا كَانُوۡا يَفۡعَلُوۡنَ ﴿۸۰﴾

٨٠. اهي هڪ ٻئي کي ڪنهن ناپسنديده ڳالهه کان جنهن جا اهي مرتڪب ٿيا (هجن) روڪيندا نه هئا جيڪي ڪجهه اهي ڪندا هئا يقينن اهو ڏاڍو برو هو.

تَرٰى كَثِيۡرًا مِّنۡهُمۡ يَتَوَلَّوۡنَ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا‌ ؕ لَبِئۡسَ مَا قَدَّمَتۡ لَهُمۡ اَنۡفُسُهُمۡ اَنۡ سَخِطَ اللّٰهُ عَلَيۡهِمۡ وَفِى الۡعَذَابِ هُمۡ خٰلِدُوۡنَ ﴿۸۱﴾

٨١. تون انهن مان ڪيترن کي ڏسندين ته جيڪي (ماڻهو) ڪافر آهن انهن کي اهي (پنهنجو) مددگار بنائين ٿا. انهن پنهنجي لاءِ جيڪي ڪجهه پنهنجي مرضيءَ سان اڳتي موڪليو آهي. اهو ڏاڍو برو آهي. جيڪو اهو امر آهي جو الله انهن کان ناراض ٿي ويو آهي ۽ اهي عذاب ۾ پيا هوندا.

وَلَوۡ كَانُوۡا يُؤۡمِنُوۡنَ بِاللّٰهِ وَالنَّبِىِّ وَمَاۤ اُنۡزِلَ اِلَيۡهِ مَا اتَّخَذُوۡهُمۡ اَوۡلِيَآءَ وَلٰـكِنَّ كَثِيۡرًا مِّنۡهُمۡ فٰسِقُوۡنَ ﴿۸۲﴾

٨٢. ۽ جيڪڏهين اهي الله (تي) ۽ (انهيءَ) نبيءَ (تي) ۽ انهيءَ تي جيڪو انهيءَ (نبيءَ) تي لاٿو ويو آهي ايمان رکن ها ته اهي انهنکي پنهنجو مددگار نه بنائين ها پر انهن مان ڪيترائي نا فرمان آهي.

لَـتَجِدَنَّ اَشَدَّ النَّاسِ عَدَاوَةً لِّلَّذِيۡنَ اٰمَنُوا الۡيَهُوۡدَ وَالَّذِيۡنَ اَشۡرَكُوۡا‌ ۚ وَلَـتَجِدَنَّ اَ قۡرَبَهُمۡ مَّوَدَّةً لِّلَّذِيۡنَ اٰمَنُوا الَّذِيۡنَ قَالُوۡۤا اِنَّا نَصٰرٰى‌ ؕ ذٰ لِكَ بِاَنَّ مِنۡهُمۡ قِسِّيۡسِيۡنَ وَرُهۡبَانًا وَّاَنَّهُمۡ لَا يَسۡتَكۡبِرُوۡنَ ﴿۸۲﴾

٨٣. تون مومنن سان دشمني رکڻ ۾ يقينن يهودين (کي) ۽ انهن ماڻهن کي جيڪي مشرڪ آهن سڀني کان وڌيڪ سخت لهندين ۽ تون مومنن سان محبت ڪرڻ جي لحاظ کان انهن مان سڀني کان ويجهو يقينن انهن ماڻهن کي لهندين. جيڪو اهو چون ٿا ته اسان نصاريٰ آهيون اها (ڳالهه) انهيءَ سبب جي

ڪري آهي جو انهن ۾ ڪجهہ (مائهو) عالم ۽ عابد آهن ۽ (پڻ) انهيءَ سبب جي ڪري جو اهي تڪبر نہ ٿا ڪن.

وَاِذَا سَمِعُوْا مَآ اُنْزِلَ اِلَى الرَّسُوْلِ تَرٰٓى اَعْيُنَهُمْ تَفِيْضُ مِنَ الدَّمْعِ مِمَّا عَرَفُوْا مِنَ الْحَقِّ ۚ يَقُوْلُوْنَ رَبَّنَآ اٰمَنَّا فَاكْتُبْنَا مَعَ الشّٰهِدِيْنَ ﴿٨٣﴾

٨٣- ۽ جڏهين اهي هن (ڪلام الاهي) کي ٻڌن ٿا جيڪو هن رسول تي لاٿو ويو آهي تہ (اي مخاطب) تون ڏسين ٿو تہ جيتري قدر حق انهن سڃاتو آهي انهيءَ جي سبب جي ڪري انهن جون اکيون لڙڪن (جي زور) جي ڪري وهي پون ٿيون. اهي چون ٿا تہ اي اسانجا رب ! اسان ايمان آندو آهي پوءِ اسانجو نالو (بہ) شاهدن سان گڏ رک.

وَمَا لَنَا لَا نُؤْمِنُ بِاللّٰهِ وَمَا جَآءَنَا مِنَ الْحَقِّ ۙ وَنَطْمَعُ اَنْ يُّدْخِلَنَا رَبُّنَا مَعَ الْقَوْمِ الصّٰلِحِيْنَ ﴿٨٤﴾

٨٥- ۽ (چون ٿا تہ) اسانکي ڇا (ٿي ويو) آهي جو اسان الله (تي) ۽ انهيءَ سچائيءَ تي جيڪا اسان وٽ آئي آهي ايمان نہ آڻيون حالانڪ اسان خواهش ڪيون ٿا تہ اسانجو رب اسان کي نيڪ مائهن ۾ داخل ڪري.

فَاَثَابَهُمُ اللّٰهُ بِمَا قَالُوْا جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ۭ وَذٰلِكَ جَزَآءُ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿٨٥﴾

٨٦- پوءِ الله انهن جي (هن) ڳالهہ جي بدلي ۾ انهنکي اهو بهشت عطا ڪندو جنهن جي اندر نهرون وهنديون هونديون (اهي) انهن ۾ هميشه رهندا ايندا اهوئي نيڪو ڪارن جو بدلو آهي.

وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَكَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَآ اُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ الْجَحِيْمِ ﴿٨٦﴾

٨٧- ۽ جن مائهن ڪفر اختيار ڪيو آهي ۽ اسان جن آيتن کي ڪوڙو ڪيو آهي اهي مائهو دوزخي آهن.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تُحَرِّمُوْا طَيِّبٰتِ مَآ اَحَلَّ اللّٰهُ لَكُمْ وَلَا تَعْتَدُوْا ۭ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُحِبُّ الْمُعْتَدِيْنَ ﴿٨٧﴾

٨٨- اي ايمان دارو! جيڪي ڪجهہ الله توهان لاءِ حلال قرار ڏنو آهي انهن مان پاڪ (شين) کي حرام نہ ٺهرايو ۽ (مقرر ڪيل) حدن کان اڳتي نہ وڌو. الله (مقرر ڪيل) حد کان ٻاهر نڪرڻ وارن کي پسند نٿو ڪري.

وَكُلُوْا مِمَّا رَزَقَكُمُ اللّٰهُ حَلٰلًا طَيِّبًا ۠ وَّاتَّقُوا اللّٰهَ الَّذِيْٓ

٨٩- ۽ جيڪي ڪجهہ الله توهانکي ڏنو آهي

أَنْتُمْ بِهٖ مُؤْمِنُوْنَ ﴿٨٩﴾

انهيءَ مان حلال (۽) پاڪ (شيون) کائو ۽ الله جي تقويٰ اختيار ڪيو جنهن تي توهان ايمان رکو ٿا.

لَا يُؤَاخِذُكُمُ اللّٰهُ بِاللَّغْوِ فِيْٓ اَيْمَانِكُمْ وَلٰكِنْ يُّؤَاخِذُكُمْ
بِمَا عَقَّدْتُّمُ الْاَيْمَانَۚ فَكَفَّارَتُهٗٓ اِطْعَامُ عَشَرَةِ مَسٰكِيْنَ
مِنْ اَوْسَطِ مَا تُطْعِمُوْنَ اَهْلِيْكُمْ اَوْ كِسْوَتُهُمْ اَوْ تَحْرِيْرُ
رَقَبَةٍۭ فَمَنْ لَّمْ يَجِدْ فَصِيَامُ ثَلٰثَةِ اَيَّامٍۭ ذٰلِكَ كَفَّارَةُ
اَيْمَانِكُمْ اِذَا حَلَفْتُمْۭ وَاحْفَظُوْٓا اَيْمَانَكُمْۭ كَذٰلِكَ
يُبَيِّنُ اللّٰهُ لَكُمْ اٰيٰتِهٖ لَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ ﴿٩٠﴾

٩٠. توهان جي قسمن مان اجاين (قسمن) تي الله توهان کي سزا نہ ڏيندو پر توهان جي پڪن قسمن ڪاڻ (۽ وري ٽوڙڻ) تي توهان کي سزاڏيندو پوءِ انهن (کي ٽوڙڻ) جو ڪفارو ڏهن مسڪينن کي وچولي (درجي جو) کاڌو کارائڻ آهي (اهڙو کاڌو) جيڪو توهان پنهنجي گهر وارن کي کارايو ٿا يا انهن جو لباس يا هڪ (غلام کي) آزاد ڪرڻ. پوءِ جنهن کي (ايترو به) ميسر نہ هجي تہ (انهيءَ تي) ٽن ڏينهن جا روزا (واجب) آهن جڏهن توهان قسم کائو (۽ وري انهن کي ٽوڙي ڇڏيو) تہ اهو توهانجن قسمن جو ڪفارو آهي ۽ توهان پنهنجن قسمن جي حفاظت (ڪندا) ڪيو. الله پنهنجن آيتن کي توهان جي لاءِ اهڙيءَ طرح بيان ڪريٿو انهيءَ لاءِ تہ توهان شڪر گذار بنجو.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِنَّمَا الْخَمْرُ وَالْمَيْسِرُ وَالْاَنْصَابُ
وَالْاَزْلَامُ رِجْسٌ مِّنْ عَمَلِ الشَّيْطٰنِ فَاجْتَنِبُوْهُ لَعَلَّكُمْ
تُفْلِحُوْنَ ﴿٩١﴾

٩١. اي ايمان وارو! شراب ۽ جوا ۽ بت ۽ ڪٽن جا تير رڳو ناپاڪ (۽) شيطاني ڪم آهن تنهن ڪري توهان انهن (مان) (هر هڪ کان) بچو. انهيءَ لاءِ تہ توهان ڪامياب ٿي وڃو.

اِنَّمَا يُرِيْدُ الشَّيْطٰنُ اَنْ يُّوْقِعَ بَيْنَكُمُ الْعَدَاوَةَ
وَالْبَغْضَآءَ فِي الْخَمْرِ وَالْمَيْسِرِ وَيَصُدَّكُمْ عَنْ
ذِكْرِ اللّٰهِ وَعَنِ الصَّلٰوةِۚ فَهَلْ اَنْتُمْ مُّنْتَهُوْنَ ﴿٩٢﴾

٩٢. شيطان صرف اهو چاهي ٿو تہ توهانجي وچ ۾ شراب ۽ جوا جي ذريعي دشمني ۽ ڪينو وجهي ڇڏي ۽ الله جي ذڪر کان ۽ نماز کان روڪي ڇڏي. هاڻي ڇا توهان (انهن ڳالهين کان) رڪجي سگهو ٿا.

وَاَطِيْعُوا اللّٰهَ وَاَطِيْعُوا الرَّسُوْلَ وَاحْذَرُوْاۚ فَاِنْ تَوَلَّيْتُمْ

٩٣. ۽ توهان الله جي (بہ) اطاعت ڪيو ۽ انهي رسول جي (بہ) اطاعت ڪيو ۽ هوشيار

مسڪينن کي کاڌو کارائڻ يا انهيءَ جي برابر روزا رکڻ انهيءَ لاءِ تہ اهو (مجرم) پنهنجي ڪم جو بد انجام ڀوڳي ها جيڪو (ڀهريائين) گذري چڪو آهي، اهو الله معاف ڪري ڇڏيو آهي ۽ جيڪو شخص وري (ائين) ڪندو انهيءَ کي الله (انهيءَ جرم جي) سزا ڏيندو ۽ الله غالب (۽ بري ڪم جي) سزا ڏيڻ وارو آهي.

اُحِلَّ لَكُمْ صَيْدُ الْبَحْرِ وَطَعَامُهُ مَتَاعًا لَّكُمْ وَ لِلسَّيَّارَةِ ۚ وَحُرِّمَ عَلَيْكُمْ صَيْدُ الْبَرِّ مَا دُمْتُمْ حُرُمًا ۗ وَ اتَّقُوا اللّٰهَ الَّذِيْٓ اِلَيْهِ تُحْشَرُوْنَ ﴿٩٦﴾

٩٦. سامونڊي شڪار ڪرڻ ۽ انهيءَ جو کائڻ توهانجي ۽ مسافرن جي فائدي جيلاءِ جائز ڪيو ويو آهي. پر جيستائين توهان احرام جي حالت ۾ هجو (انهيءَ وقت تائين) خشڪيءَ جو شڪار توهانتي حرام ڪيو ويو آهي ۽ توهان الله جي تقويٰ اختيار ڪيو جنهنجي حضور ۾ توهانکي گڏ ڪري نيو ويندو.

جَعَلَ اللّٰهُ الْكَعْبَةَ الْبَيْتَ الْحَرَامَ قِيٰمًا لِّلنَّاسِ وَ الشَّهْرَ الْحَرَامَ وَالْهَدْيَ وَالْقَلَآئِدَ ۗ ذٰلِكَ لِتَعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ يَعْلَمُ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَ مَا فِي الْاَرْضِ وَاَنَّ اللّٰهَ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمٌ ﴿٩٨﴾

٩٨. الله ڪعبي يعني محفوظ گهر (کي) ماڻهن جي دائمي ترقيءَ جو ذريعو بنايو آهي ۽ (پڻ) حرمت واري مهيني ۽ قرباني (کي) ۽ جن (جانورن) جي ڳچيءَ ۾ پٽو وڌو ويو هجي (انهنکي بہ) هيءَ انهيءَ ڪري (ڪيو) آهي تہ توهان ڄاڻو تہ جيڪي ڪجهہ آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي ڪجهہ زمين ۾ آهي الله انهيءَ سڀ کي ڄاڻي ٿو.

اِعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ شَدِيْدُ الْعِقَابِ وَ اَنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ۗ ﴿٩٩﴾

٩٩. ياد رکو تہ الله عذاب ڏيڻ ۾ (بہ) سخت آهي ۽ الله ڏاڍو بخشڻ وارو (۽) مهربان (بہ) آهي.

مَا عَلَى الرَّسُوْلِ اِلَّا الْبَلٰغُ ۗ وَ اللّٰهُ يَعْلَمُ مَا تُبْدُوْنَ وَ مَا تَكْتُمُوْنَ ﴿١٠٠﴾

١٠٠. رسول تي صرف (ڳالهہ جو) پهچائڻ (واجب) آهي ۽ جيڪا (ڳالهہ عملن) توهان کان ظهور ۾ اچي وڃي ٿي ۽ (انهيءَ کي بہ) جيڪا توهان کان (اجا عملن) ظهور ۾ نہ

آئي آهي الله خوب ڄاڻي ٿو.

قُلْ لَّا يَسْتَوِي الْخَبِيْثُ وَ الطَّيِّبُ وَلَوْ اَعْجَبَكَ كَثْرَةُ الْخَبِيْثِ ۚ فَاتَّقُوا اللّٰهَ يٰٓاُولِي الْاَلْبَابِ لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ ﴿١٠٠﴾

١٠١- تون چؤ تہ بيڪار (شيءِ) فائدي مند (شيءِ) جي برابر نہ ٿي ٿي سگهي. خواه توهانکي بيڪار شي جي زيادتي ڪيتري ئي پسند هجي. پوءِ اي عقل مندو! الله جي تقويٰ اختيار ڪيو انهيءَ لاءِ تہ توهان بامراد ٿي وڃو.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَسْـَٔلُوْا عَنْ اَشْيَآءَ اِنْ تُبْدَ لَكُمْ تَسُؤْكُمْ ۚ وَ اِنْ تَسْـَٔلُوْا عَنْهَا حِيْنَ يُنَزَّلُ الْقُرْاٰنُ تُبْدَ لَكُمْ ؕ عَفَا اللّٰهُ عَنْهَا ؕ وَ اللّٰهُ غَفُوْرٌ حَلِيْمٌ ﴿١٠١﴾

١٠٢- اي مومنو! (انهن) ڳالهين جي متعلق سوال نہ (ڪندا) ڪيو (جيڪي) جيڪڏهين توهانتي ظاهر ڪيون وڃن تہ توهان جي لاءِ تڪليف جو سبب بنجي وڃن ۽ جيڪڏهين توهان انهنجي متعلق انهيءَ عرصي ۾ سوال ڪندو جڏهين قرآن لاٿو وڃي ٿو تہ توهان تي (اهي) ظاهر ڪيون ونديون الله خود (ڄاڻي ٻجهي) انهن جي بيان کان رڪيو رهيو آهي ۽ الله ڏاڍو بخشڻ وارو (۽) سوجهہ ٻوجهہ کان ڪم وٺڻ وارو آهي.

قَدْ سَاَلَهَا قَوْمٌ مِّنْ قَبْلِكُمْ ثُمَّ اَصْبَحُوْا بِهَا كٰفِرِيْنَ ﴿١٠٢﴾

١٠٣- توهان کان پهريائين هڪ قوم اهڙن ڳالهين جي متعلق سوال ڪري چڪي آهي پر جڏهين جواب مليو تہ انهن انهيءَ (جي مڃڻ) کان انڪار ڪري ڇڏيو.

مَا جَعَلَ اللّٰهُ مِنْۢ بَحِيْرَةٍ وَّلَا سَآئِبَةٍ وَّلَا وَصِيْلَةٍ وَّلَا حَامٍ ۙ وَّلٰكِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا يَفْتَرُوْنَ عَلَى اللّٰهِ الْكَذِبَ ؕ وَ اَكْثَرُهُمْ لَا يَعْقِلُوْنَ ﴿١٠٣﴾

١٠٤- نہ (تہ) الله بحيره (جي بنائڻ) جو حڪم ڏنو آهي نہ سائبہ جو نہ وصيلہ جو نہ حام جو پر جيڪي (ماڻهو) ڪافر آهن اهي الله تي ڪوڙ (ٻڌي) بهتان هڻن ٿا ۽ انهن مان اڪثر بي عقل آهن.

وَ اِذَا قِيْلَ لَهُمْ تَعَالَوْا اِلٰى مَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ وَ اِلَى الرَّسُوْلِ قَالُوْا حَسْبُنَا مَا وَجَدْنَا عَلَيْهِ اٰبَآءَنَا ؕ اَوَلَوْ كَانَ اٰبَآؤُهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ شَيْـًٔا وَّلَا يَهْتَدُوْنَ ﴿١٠٤﴾

١٠٥- ۽ جڏهين انهن کي چيو وڃي ٿو تہ خدا جي نازل ڪيل (ڪلام) ۽ (انهيءَ جي) رسول جي طرف اچو تہ چون ٿا تہ اسان جنهن (ڳالهہ) تي پنهنجي پيءُ ڏاڏي کي

ڏنو هو (اها) اسانجي لاءِ ڪافي آهي جا جيڪڏهين (هيءَ صورت هجي جو) انهن جا پيءُ ڏاڏا نادان هجن ۽ صحيح رستو نہ ڄاڻندا هجن (تڏهين بہ اهي پنهنجي ضد تي قائم رهندا؟)

يَٰٓأَيُّهَا ٱلَّذِينَ ءَامَنُوا۟ عَلَيْكُمْ أَنفُسَكُمْ ۖ لَا يَضُرُّكُم مَّن
ضَلَّ إِذَا ٱهْتَدَيْتُمْ ۚ إِلَى ٱللَّهِ مَرْجِعُكُمْ جَمِيعًا
فَيُنَبِّئُكُم بِمَا كُنتُمْ تَعْمَلُونَ ﴿١٠٦﴾

١٠٦. اي مومنو! توهان پنهنجي جانين (جي حفاظت) جو فڪر ڪيو. جڏهين توهان هدايت حاصل ڪيو تہ ڪنهن جي گمراهي توهانکي نقصان نہ پهچائيندي. توهان سڀني کي الله ڏانهن ئي موٽي وڃڻو آهي. پوءِ جيڪي ڪجهہ توهان ڪيو ٿا اهو انهيءَ کان توهانکي آگاهہ ڪندو.

يَٰٓأَيُّهَا ٱلَّذِينَ ءَامَنُوا۟ شَهَٰدَةُ بَيْنِكُمْ إِذَا حَضَرَ أَحَدَكُمُ
ٱلْمَوْتُ حِينَ ٱلْوَصِيَّةِ ٱثْنَانِ ذَوَا عَدْلٍ مِّنكُمْ أَوْ
ءَاخَرَانِ مِنْ غَيْرِكُمْ إِنْ أَنتُمْ ضَرَبْتُمْ فِى ٱلْأَرْضِ
فَأَصَٰبَتْكُم مُّصِيبَةُ ٱلْمَوْتِ ۚ تَحْبِسُونَهُمَا مِنۢ بَعْدِ
ٱلصَّلَوٰةِ فَيُقْسِمَانِ بِٱللَّهِ إِنِ ٱرْتَبْتُمْ لَا نَشْتَرِى بِهِۦ
ثَمَنًا وَلَوْ كَانَ ذَا قُرْبَىٰ ۙ وَلَا نَكْتُمُ شَهَٰدَةَ ٱللَّهِ
إِنَّآ إِذًا لَّمِنَ ٱلْءَاثِمِينَ ﴿١٠٧﴾

١٠٧. اي مومنو! جڏهين توهان مان ڪنهن جي موت (جو وقت ويجهو) اچي وڃي تہ وصيت جي وقت توهانجي پاڻ ۾ شاهدي (جو هيءُ (طريقو) هئڻ گهرجي جو توهان مان بہ عدل وارا شاهد (مقرر) هجن يا بہ شاهد (جيڪي توهان مسلمانن مان نہ هجن پر) غير ماڻهن مان هجن (اهو قاعدو انهيءَ حالت ۾ ٿيندو) جڏهين توهان ملڪ ۾ سفر ڪري رهيا هجو ۽ توهانتي موت جي مصيبت نازل ٿي وڃي (۽ توهانکي پنهنجا شاهد ميسر نہ اچن) (انهيءَ صورت ۾) توهان (مومنن جو گروهہ) انهن ٻنهي (شاهدن) کي نماز کان پوءِ جهلي ۽ اهي ٻئي (اهڙيءَ صورت ۾ جو) توهانکي (انهنجي شاهديءَ جي متعلق) شڪ هجي الله جو قسم کڻي چون تہ اسان هن (شهادت) مان ڪوبہ (پنهنجو) فائدو مَدِ نظر نہ ٿا رکون کڻي (جنهنجي حق ۾ اسين شاهدي ڏئي رهيا هجون) اهو اسانجو ويجهو ئي چو نہ هجي ۽ اسان الله جي (مقرر

ڪيل) شهادت (يعني سچ ڳالهائڻ جي فرض) کي نہ لڪائينداسين. جيڪڏهين اسان ائين ڪيون تہ (انهيءَ صورت ۾) اسان گنهگار ٿينداسين.

فَإِنْ عُثِرَ عَلَىٰٓ أَنَّهُمَا ٱسْتَحَقَّآ إِثْمًا فَـَٔاخَرَانِ يَقُومَانِ
مَقَامَهُمَا مِنَ ٱلَّذِينَ ٱسْتَحَقَّ عَلَيْهِمُ ٱلْأَوْلَيَانِ فَيُقْسِمَانِ
بِٱللَّهِ لَشَهَادَتُنَآ أَحَقُّ مِن شَهَادَتِهِمَا وَمَا ٱعْتَدَيْنَآ
إِنَّآ إِذًا لَّمِنَ ٱلظَّالِمِينَ ﴿١٠٨﴾

١٠٨. پوءِ جيڪڏهين (اڳتي هلي) اهو ظاهر ٿي پيو تہ انهن ٻنهي (ٻنهنجي ذمي) گناهہ واجب ڪري ورتو آهي تہ ٻہ ٻيا شخص (انهن وارثن يعني ميت جي رشتيدارن مان) جن جي خلاف ٻهرين ٻن حق قائم ڪيو هو (شاهديءَ لاءِ) بيهن ۽ اهي الله جو قسم کڻي چون تہ اسانجي شاهدي (انهن) ٻهرين ٻن شاهدن جي شاهديءَ کان وڌيڪ سچي آهي ۽ اسان (ٻنهنجي شاهديءَ ۾) ڪابہ زيادتي نہ ڪئي جيڪڏهين اسان ائين ڪيو هجي تہ اسانکي ظالمن ۾ شمار ڪرڻ گهرجي.

ذَٰلِكَ أَدْنَىٰٓ أَن يَأْتُوا۟ بِٱلشَّهَادَةِ عَلَىٰ وَجْهِهَآ أَوْ يَخَافُوٓا۟
أَن تُرَدَّ أَيْمَانٌۢ بَعْدَ أَيْمَانِهِمْ ۗ وَٱتَّقُوا۟ ٱللَّهَ وَٱسْمَعُوا۟ ۗ
وَٱللَّهُ لَا يَهْدِى ٱلْقَوْمَ ٱلْفَاسِقِينَ ﴿١٠٩﴾

١٠٩. اهو طريقو انهنکي (يعني ٻهرين شاهدن کي) انهيءَ ڳالهہ جي وڌيڪ ويجهو ڪري ڇڏيندو تہ اهي شاهدي عين واقعي جي مطابق ڏين يا (انهيءَ ڳالهہ کان) ڊڄن تہ انهنجي قسمن کانپوءِ (ڪي) ٻيا قسم (انهن جي قسمن کي رد ڪرڻ جيلاءِ) پيش ڪيا وڃن ۽ الله جي تقويٰ اختيار ڪيو ۽ انهيءَ جي حڪمن جي چڱيءَ طرح اطاعت ڪيو ۽ (ياد رکو) الله سرڪشن کي هدايت نہ ٿو ڏئي.

يَوْمَ يَجْمَعُ ٱللَّهُ ٱلرُّسُلَ فَيَقُولُ مَاذَآ أُجِبْتُمْ ۖ قَالُوا۟
لَا عِلْمَ لَنَآ ۖ إِنَّكَ أَنتَ عَلَّامُ ٱلْغُيُوبِ ﴿١١٠﴾

١١٠. ۽ (انهيءَ ڏينهن کي ياد ڪيو) جنهن ڏينهن الله رسولن کي گڏ ڪندو ۽ چوندو توهانکي ڪهڙو جواب ڏنو ويو هو، اهي چوندا اسانکي حقيقي علم ڪونهي. غيب جي

تہ اسان فرمان بردارن ۾ (شامل ٿي ويا) آهيون.

إِذْ قَالَ الْحَوَارِيُّونَ يٰعِيْسَى ابْنَ مَرْيَمَ هَلْ يَسْتَطِيْعُ رَبُّكَ اَنْ يُّنَزِّلَ عَلَيْنَا مَآئِدَةً مِّنَ السَّمَآءِ قَالَ اتَّقُوا اللّٰهَ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿١١٢﴾

١١٣. ۽ (انهيءَ وقت کي بہ ياد ڪيو) جڏهن حوارين چيو تہ اي عيسيٰ ابن مريم ! ڇا تنهنجي رب ۾ طاقت آهي جو اسان جي لاءِ آسمان مان (ڪاڏن سان ڀريل) خومچو لاهي (انهيءَ تي) مسيح چيو تہ جيڪڏهن توهان (سچا) مومن آهيو تہ الله جي تقويٰ اختيار ڪيو.

قَالُوْا نُرِيْدُ اَنْ نَّاْكُلَ مِنْهَا وَتَطْمَئِنَّ قُلُوْبُنَا وَنَعْلَمَ اَنْ قَدْ صَدَقْتَنَا وَنَكُوْنَ عَلَيْهَا مِنَ الشّٰهِدِيْنَ ﴿١١٣﴾

١١٤. انهن (يعني حوارين) چيو تہ اسان گهرون ٿا تہ اسان انهيءَ (مائده) مان کائون ۽ اسان جون دليون مطمئن ٿي وڃن (تہ اسانجو خدا قادر آهي) ۽ اسانکي يقين ٿي وڃي تہ تون اسان سان سچ ڳالهايو آهي ۽ اسان انهيءَ باري ۾ شاهدي ڏيڻ جي قابل ٿي وڃون.

قَالَ عِيْسَى ابْنُ مَرْيَمَ اللّٰهُمَّ رَبَّنَآ اَنْزِلْ عَلَيْنَا مَآئِدَةً مِّنَ السَّمَآءِ تَكُوْنُ لَنَا عِيْدًا لِّاَوَّلِنَا وَاٰخِرِنَا وَاٰيَةً مِّنْكَ وَارْزُقْنَا وَاَنْتَ خَيْرُ الرّٰزِقِيْنَ ﴿١١٤﴾

١١٥. (انهيءَ تي) عيسيٰ ابن مريم چيو اي الله! اي اسانجا رب! اسانتي آسمان مان (ڪاڏن سان ڀريل) ٿالهہ لاهہ جيڪو اسان (مسيحن) مان پهرئين حصي جي لاءِ بہ عيد (جو موجب) هجي ۽ تنهنجي طرفان هڪ نشان (هجي) ۽ تون (پاڻ وٽان) اسانکي رزق ڏي ۽ تون سڀني رزق ڏيڻ وارن مان بهتر رزق ڏيڻ وارو آهين.

قَالَ اللّٰهُ اِنِّيْ مُنَزِّلُهَا عَلَيْكُمْ فَمَنْ يَّكْفُرْ بَعْدُ مِنْكُمْ فَاِنِّيْٓ اُعَذِّبُهٗ عَذَابًا لَّآ اُعَذِّبُهٗٓ اَحَدًا مِّنَ الْعٰلَمِيْنَ ﴿١١٥﴾

١١٦. الله فرمايو مان اهڙا (مائده) توهانتي يقينن نازل ڪندس. پوءِ جيڪو بہ توهان مان انهيءَ جي (نازل ٿيڻ کان) پوءِ ناشڪري ڪندو تہ مان انهيءَ کي اهڙو عذاب ڏيندس جو دنيا مان ڪنهن بہ (قوم) کي اهڙو عذاب نہ ڏيندس.

وَاِذْ قَالَ اللّٰهُ يٰعِيْسَى ابْنَ مَرْيَمَ ءَاَنْتَ قُلْتَ لِلنَّاسِ
اتَّخِذُوْنِيْ وَاُمِّيَ اِلٰهَيْنِ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ ؕ قَالَ سُبْحٰنَكَ
مَا يَكُوْنُ لِيْۤ اَنْ اَقُوْلَ مَا لَيْسَ لِيْ بِحَقٍّ ؕ اِنْ كُنْتُ
قُلْتُهٗ فَقَدْ عَلِمْتَهٗ ؕ تَعْلَمُ مَا فِيْ نَفْسِيْ وَلَاۤ اَعْلَمُ
مَا فِيْ نَفْسِكَ ؕ اِنَّكَ اَنْتَ عَلَّامُ الْغُيُوْبِ ﴿١١٦﴾

١١٦. ۽ جڏهين الله چيو اي عيسيٰ ابن مريم! چا تو ماڻهن کي چيو هو تہ مونکي ۽ منهنجي ماءُ کي الله کانسواءِ بہ معبود بڻايو تہ انهيءَ جواب ڏنو تہ (اسان) توکي (سڀني عيبن کان) پاڪ قرار ڏيون ٿا. مون کي نہ ٿي جڳايو تہ مان (اهڙي ڳالهہ) چوان جنهنجو مون کي حق نہ هو ۽ جيڪڏهين مون ائين چيو هو تہ توکي ضرور انهيءَ جو علم هوندو جيڪي ڪي منهنجي دل ۾ آهي تون ڄاڻين ٿو ۽ جيڪي ڪي تنهنجي دل ۾ آهي مان نٿو ڄاڻان. تون يقينن (سڀني) غيب جي ڳالهين کان چڱيءَ طرح واقف آهين.

مَا قُلْتُ لَهُمْ اِلَّا مَاۤ اَمَرْتَنِيْ بِهٖۤ اَنِ اعْبُدُوا اللّٰهَ رَبِّيْ
وَرَبَّكُمْ ۚ وَكُنْتُ عَلَيْهِمْ شَهِيْدًا مَّا دُمْتُ فِيْهِمْ ۚ فَلَمَّا
تَوَفَّيْتَنِيْ كُنْتَ اَنْتَ الرَّقِيْبَ عَلَيْهِمْ ؕ وَاَنْتَ عَلٰى كُلِّ
شَيْءٍ شَهِيْدٌ ﴿١١٧﴾

١١٨. مان انهنکي صرف اها ڳالهہ چئي هئي جنهنجو تو مونکي حڪم ڏنو هو يعني اهو تہ الله جي عبادت ڪيو, جيڪو منهنجو (بہ) رب آهي ۽ توهانجو بہ رب آهي ۽ جيستائين مان انهن ۾ (موجود) رهيس مان انهن جو نگران رهيس. پر تو جڏهين منهنجو روح قبض ڪري ورتو تہ تون ئي انهن تي نگران هئين (مان نہ هوس) ۽ تون هر شيءِ تي نگران آهين.

اِنْ تُعَذِّبْهُمْ فَاِنَّهُمْ عِبَادُكَ ۚ وَاِنْ تَغْفِرْ لَهُمْ فَاِنَّكَ
اَنْتَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ﴿١١٨﴾

١١٩. جيڪڏهين تون انهنکي عذاب ڏيڻ چاهين تہ اهي تنهنجا ٻانهان آهن ۽ جيڪڏهين تون انهنکي بخشڻ چاهين تہ تون ڏاڍو غالب (۽) وڏين حڪمتن وارو (خدا) آهين.

قَالَ اللّٰهُ هٰذَا يَوْمُ يَنْفَعُ الصّٰدِقِيْنَ صِدْقُهُمْ ؕ
لَهُمْ جَنّٰتٌ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ

١٢٠. الله فرمايو هي ڏينهن (اهڙو) آهي جنهن ۾ صادقن کي انهنجي سچائيءَ جو نفعو ڏيندي. انهن کي اهڙا باغ ملندا جنجي هيٺان

فِيۡهَاۤ اَبَدًا ؕ رَضِىَ اللّٰهُ عَنۡهُمۡ وَرَضُوۡا عَنۡهُ ؕ ذٰلِكَ الۡفَوۡزُ الۡعَظِيۡمُ ﴿۱۲۰﴾

نهرون وهنديون هونديون اهي انهيءَ ۾ هميشه جي لاءِ رهندا ايندا. الله انهن کان راضي ٿيو ۽ اهي انهيءَ کان راضي ٿيا (۽) هيءَ (هڪ) تمام وڏي ڪاميابي آهي.

لِلّٰهِ مُلۡكُ السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضِ وَمَا فِيۡهِنَّ ؕ وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَىۡءٍ قَدِيۡرٌ ﴿۱۲۱﴾

۱۲۱. آسمانن ۽ زمين ۽ جيڪي ڪي انهنجي وچ ۾ آهي انهيءَ جي بادشاهت الله جي لاءِ ئي آهي ۽ اهو هر امر تي پورو (پورو) قادر آهي.

## سُوْرَةُ الْاَنْعَامِ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ مَعَ الْبَسْمَلَةِ مِائَةٌ وَّسِتٌّ وَّسِتُّوْنَ اٰيَةً وَّعِشْرُوْنَ رُكُوْعًا

هيءَ سورت مڪي آهي ۽ بسم الله سميت هڪ سؤ ڇاهٺ آيتون ۽ ويهہ رڪوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ①

١ـ (مان) الله جو نالو وٺي جيڪو بيحد ڪرم ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي (پڙهانئو)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضَ وَجَعَلَ الظُّلُمٰتِ وَ النُّوْرَ ۬ؕ ثُمَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِرَبِّهِمْ يَعْدِلُوْنَ ②

٢ـ (هر قسم جي) تعريف جو الله ئي مستحق آهي، جنهن آسمانن ۽ زمين کي پيدا ڪيو آهي ۽ اونداهين ۽ نور کي بہ بنايو آهي باوجود انهيءَ جي ڪافر پنهنجي رب جا شريڪ بنائين ٿا.

هُوَ الَّذِيْ خَلَقَكُمْ مِّنْ طِيْنٍ ثُمَّ قَضٰۤى اَجَلًا ؕ وَ اَجَلٌ مُّسَمًّى عِنْدَهٗ ثُمَّ اَنْتُمْ تَمْتَرُوْنَ ③

٣ـ اهو خدائي آهي جنهن توهانکي آليءَ مٽيءَ مان پيدا ڪيو آهي پوءِ (زمانہ حيات جي لاءِ) هڪ ميعاد تجويز ڪيو ۽ هڪ ٻيو ميعاد بہ آهي جنهن جو علم صرف انهيءَ کي آهي پوءِ بہ توهان شڪ ڪيو ٿا.

وَهُوَ اللّٰهُ فِي السَّمٰوٰتِ وَ فِي الْاَرْضِ ؕ يَعْلَمُ سِرَّكُمْ وَ جَهْرَكُمْ وَ يَعْلَمُ مَا تَكْسِبُوْنَ ④

٤ـ ۽ آسمانن ۽ زمين ۾ اهوئي خدا آهي جيڪو توهانجن رازن کي بہ ڄاڻي ٿو ۽ توهانجن ظاهري ڳالهين کي بہ ۽ جيڪي ڪجهہ توهان ڪمايو ٿا انهيءَ کي بہ ڄاڻي ٿو.

وَ مَا تَاْتِيْهِمْ مِّنْ اٰيَةٍ مِّنْ اٰيٰتِ رَبِّهِمْ اِلَّا كَانُوْا عَنْهَا مُعْرِضِيْنَ ⑤

٥ـ ۽ انهن ماڻهن وٽ انهنجي رب جي نشانن مان ڪڏهين ڪوبہ نشان نہ آيو آهي پر (انهن جو معاملو هيءَ رهيو آهي تہ) اهي انهيءَ کان منهن موڙيندائي آيا آهن.

فَقَدْ كَذَّبُوْا بِالْحَقِّ لَمَّا جَآءَهُمْ ؕ فَسَوْفَ يَاْتِيْهِمْ اَنْۢبٰٓؤُا مَا كَانُوْا بِهٖ يَسْتَهْزِءُوْنَ ⑥

٦ـ پوءِ ڪامل حق (يعني قرآن) جڏهين انهن وٽ آيو تہ انهيءَ جو بہ انهن انڪار ڪري ڇڏيو. هاڻي انهيءَ جو نتيجو هيءَ نڪرندو

تہ جن ڳالھين جي متعلق اھي کلون ڪندا ھئا جلد ئي انھيءَ جي وقوعہ جون خبرون انھن کي ملڻ لڳنديون.

اَلَمۡ يَرَوۡا كَمۡ اَهۡلَكۡنَا مِنۡ قَبۡلِهِمۡ مِّنۡ قَرۡنٍ مَّكَّنّٰهُمۡ فِى الۡاَرۡضِ مَا لَمۡ نُمَكِّنۡ لَّـكُمۡ وَاَرۡسَلۡنَا السَّمَآءَ عَلَيۡهِمۡ مِّدۡرَارًا وَّجَعَلۡنَا الۡاَنۡهٰرَ تَجۡرِىۡ مِنۡ تَحۡتِهِمۡ فَاَهۡلَكۡنٰهُمۡ بِذُنُوۡبِهِمۡ وَاَنۡشَاۡنَا مِنۡۢ بَعۡدِهِمۡ قَرۡنًا اٰخَرِيۡنَ ۝٦

٦. ڇا انھن کي معلوم نہ آھي تہ انھن کان پھريائين ڪيترن ئي زمانن (جي ماڻھن) کي جنکي اسان زمين ۾ ايتري طاقت بخشي ھئي جيتري طاقت توھانکي (يعني ھن زماني جي ماڻھن کي) نہ بخشي آھي، تباھہ ڪري ڇڏيو ۽ اسان انھن تي ڪڪرن کي زبردست بارش وسائيندي موڪليو ھو ۽ انھيءَ مان اھڙيون نھرون وھايون ھيون جيڪي انھن جي قبضي ۽ تصرف ۾ وھنديون ھيون پوءِ اسان انھنکي انھنجي گناھن جي سبب تباھہ ڪري ڇڏيو ۽ انھن کانپوءِ ھڪ ٻيو نسل پيدا ڪيو.

وَلَوۡ نَزَّلۡنَا عَلَيۡكَ كِتٰبًا فِىۡ قِرۡطَاسٍ فَلَمَسُوۡهُ بِاَيۡدِيۡهِمۡ لَقَالَ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡۤا اِنۡ هٰذَاۤ اِلَّا سِحۡرٌ مُّبِيۡنٌ ۝٧

٨. ۽ جيڪڏھين اسان توتي ھڪ ڪاغذن تي لکيل ڪتاب نازل ڪيون ھا جنھن کي اھي پنھنجي ھٿن سان ڇھن ھا تہ ڪافر بہ چون ھا، ھيءَ تہ ھڪ ظاھر ظھور فريب آھي.

وَقَالُوۡا لَوۡلَاۤ اُنۡزِلَ عَلَيۡهِ مَلَكٌ‌ ؕ وَلَوۡ اَنۡزَلۡنَا مَلَـكًا لَّقُضِىَ الۡاَمۡرُ ثُمَّ لَا يُنۡظَرُوۡنَ ۝٩

٩. ۽ (مخالف) چون ٿا، ھن تي ڪو بہ فرشتو ڇونہ لاٿو ويو آھي جيڪڏھين اسان ڪو فرشتو لاھيون ھا تہ فيصلو ئي بہ وڃي ھا، پوءِ انھن کي ڍر نہ ڏني وڃي ھا.

وَلَوۡ جَعَلۡنٰهُ مَلَـكًا لَّجَـعَلۡنٰهُ رَجُلًا وَّلَلَبَسۡنَا عَلَيۡهِمۡ مَّا يَلۡبِسُوۡنَ ۝١٠

١٠. ۽ (ھيءَ بہ ياد رکڻ گھرجي تہ) جيڪڏھين اسان ھن (پيغمبر) کي فرشتن مان مقرر ڪيون ھا تڏھين بہ اسان انھيءَ کي مرد جي شڪل ئي ڏيون ھا ۽ انھيءَ جي مٿان بہ اھا ڳالھہ شڪ واري ڪري ڇڏيون ھا جنھنکي ھائي اھي شڪ واري سمجھي رھيا آھن.

وَلَقَدِ اسْتُهْزِئَ بِرُسُلٍ مِّنْ قَبْلِكَ فَحَاقَ بِالَّذِيْنَ سَخِرُوْا مِنْهُمْ مَّا كَانُوْا بِهٖ يَسْتَهْزِءُوْنَ ﴿١١﴾ ع

١١- ۽ توکان پهريائين جيڪي رسول گذري ويا آهن انهن تي بہ ٺٺول ڪئي وئي هئي. نتيجو اهو ٿيو جو انهن مان جن ٺٺول ڪئي هئي انهنکي انهيءَ عذاب اچي گهيريو جنهن سان اهي ٺٺول ڪري رهيا هئا.

قُلْ سِيْرُوْا فِي الْاَرْضِ ثُمَّ انْظُرُوْا كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الْمُكَذِّبِيْنَ ﴿١٢﴾

١٢- تون انهنکي چؤ (ٿورو) زمين ۾ گهمو ڦرو ڏسو تہ ڪوڙي چوڻ وارن جي ڪهڙي بچاڙي ٿيندي آهي.

قُلْ لِّمَنْ مَّا فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ قُلْ لِّلّٰهِ كَتَبَ عَلٰى نَفْسِهِ الرَّحْمَةَ لَيَجْمَعَنَّكُمْ اِلٰى يَوْمِ الْقِيٰمَةِ لَا رَيْبَ فِيْهِ اَلَّذِيْنَ خَسِرُوْا اَنْفُسَهُمْ فَهُمْ لَا يُؤْمِنُوْنَ ﴿١٣﴾

١٣- (انهن کان) پڇ تہ آسمانن ۽ زمين ۾ جيڪي ڪجهہ آهي؟ اهو ڪنهن جو آهي (انهيءَ جو جواب اهي ڪهڙو ڏيندا تنهنڪري تون ئي انهنکي) چؤ الله جو - انهيءَ پنهنجي نفس تي رحمت فرض ڪري ڇڏي آهي. هو توهان کي قيامت جي ڏينهن تائين جمع ڪندو ويندو انهيءَ (ڳالهہ) ۾ ڪجهہ شڪ نہ آهي تہ اهي ماڻهو جن پنهنجي جانين کي گهاٽي ۾ وجهي ڇڏيو. اهي (انهيءَ بد اعماليءَ جي سببان) ايمان نہ آڻيندا.

وَلَهٗ مَا سَكَنَ فِي الَّيْلِ وَالنَّهَارِ وَهُوَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ ﴿١٤﴾

١٤- ۽ جيڪي ڪجهہ رات (جي اونداهيءَ) ۽ ڏينهن (جي روشني) ۾ موجود آهي اهو سڀ انهيءَ (خدا) جو آهي ۽ هو ڏاڍو ٻڌڻ وارو (۽) ڏاڍو ڄاڻڻ وارو آهي.

قُلْ اَغَيْرَ اللّٰهِ اَتَّخِذُ وَلِيًّا فَاطِرِ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَهُوَ يُطْعِمُ وَلَا يُطْعَمُ قُلْ اِنِّيْٓ اُمِرْتُ اَنْ اَكُوْنَ اَوَّلَ مَنْ اَسْلَمَ وَلَا تَكُوْنَنَّ مِنَ الْمُشْرِكِيْنَ ﴿١٥﴾

١٥- تون چؤ ڇا مان الله کانسواءِ جيڪو آسمانن ۽ زمين جي پيدا ڪرڻ وارو آهي، ڪو ٻيو دوست بڻايان حالانڪ اهو (سڀني انسانن کي) ڪارائي ٿو ۽ (ڪنهنجي بہ طرفان) انهيءَ کي رزق نہ ٿو ڏنو وڃي. چؤ (تہ) مون کي حڪم ڏنو ويو آهي تہ مان سڀني کان وڌو فرمانبردار بنجان ۽ هيءَ تہ (اي رسول) تو مشرڪن مان نہ بنج.

قُلْ إِنِّيٓ أَخَافُ إِنْ عَصَيْتُ رَبِّي عَذَابَ يَوْمٍ عَظِيمٍ ﴿١٥﴾

١٦. تون چؤ تہ جيڪڏهين مان پنهنجي رب جي نافرماني ڪريان تہ مان هڪ وڏي ڏينهن جي عذاب کان ڊڄان ٿو.

مَنْ يُصْرَفْ عَنْهُ يَوْمَئِذٍ فَقَدْ رَحِمَهُۥ ۚ وَذَٰلِكَ الْفَوْزُ الْمُبِينُ ﴿١٦﴾

١٧. جنهن تان اهو (عذاب) ٽاريو ويو تہ (سمجهو تہ) انهيءَ ڏينهن ان تي خدا رحم ڪيو ۽ هيءَ تمام وڏي ڪاميابي آهي.

وَإِنْ يَمْسَسْكَ اللَّهُ بِضُرٍّ فَلَا كَاشِفَ لَهُۥٓ إِلَّا هُوَ ۖ وَإِنْ يَمْسَسْكَ بِخَيْرٍ فَهُوَ عَلَىٰ كُلِّ شَيْءٍ قَدِيرٌ ﴿١٧﴾

١٨. ۽ جيڪڏهين الله توکي ڪو نقصان پهچائي تہ اُنهيءَ ڪانسواءِ اِنهيءَ کي ڪو بہ ٽوڪان ٽاري نہ ٿو سگهي ۽ جيڪڏهين اهو توکي ڪا ڀلائي پهچائي تہ هو هر ڳالهہ تي قادر آهي.

وَهُوَ الْقَاهِرُ فَوْقَ عِبَادِهِۦ ۚ وَهُوَ الْحَكِيمُ الْخَبِيرُ ﴿١٨﴾

١٩. ۽ هو پنهنجن ٻندن تي غالب آهي ۽ هو وڏين حڪمتن وارو آهي (۽) سڀني حالتن کان باخبر آهي.

قُلْ أَيُّ شَيْءٍ أَكْبَرُ شَهَادَةً ۖ قُلِ اللَّهُ ۖ شَهِيدٌۢ بَيْنِي وَبَيْنَكُمْ ۚ وَأُوحِيَ إِلَيَّ هَٰذَا الْقُرْآنُ لِأُنْذِرَكُمْ بِهِۦ وَمَنْ بَلَغَ ۚ أَئِنَّكُمْ لَتَشْهَدُونَ أَنَّ مَعَ اللَّهِ آلِهَةً أُخْرَىٰ ۚ قُلْ لَآ أَشْهَدُ ۚ قُلْ إِنَّمَا هُوَ إِلَٰهٌ وَاحِدٌ وَإِنَّنِي بَرِيٓءٌ مِمَّا تُشْرِكُونَ ﴿١٩﴾

٢٠. تون چؤ سڀ کان وڏيڪ (سچي) شاهدي ڏيڻ واري ڪهڙي هستي آهي پوءِ (خودئي جواب ۾) چؤ تہ الله اهو توهانجي ۽ منهنجي وچم شاهد آهي ۽ مون ڏانهن هيءَ قران وحي ڪيو ويو آهي ۽ انهيءَ لاءِ تہ مان توهانکي انهيءَ جي ذريعي (اچڻ واري عذاب کان) هوشيار ڪيان ۽ انهن (سڀني) کي بہ جن تائين هي پهچي. ڇا توهان هيءَ شاهدي ڏيو ٿا تہ الله ڪانسواءِ ڪي ٻيا معبود بہ آهن (۽ پوءِ پنهنجي طرفان) بہ چؤ تہ (توهين اهڙيون ڪوڙيون شاهديون ڏيندا وتو) مان تہ اها شاهدي نہ ٿو ڏيان (پوءِ انهن کي) چؤ تہ اهو (خدا) تہ پنهنجي ذات ۾ صرف اڪيلو خدا آهي ۽ مان تہ انهن شين کان جنکي توهان خدا جو شريڪ بنايو ٿا بيزار آهيان.

اَلَّذِيْنَ اٰتَيْنٰهُمُ الْكِتٰبَ يَعْرِفُوْنَهٗ كَمَا يَعْرِفُوْنَ
اَبْنَآءَهُمْ اَلَّذِيْنَ خَسِرُوْٓا اَنْفُسَهُمْ فَهُمْ لَا يُؤْمِنُوْنَ ﴿۲۱﴾

۲۱. اهي ماڻهو جنکي اسان ڪتاب ڏنو آهي اهي هن (سچائيءَ) کي (اهڙيءَ طرح) سڃاڻن ٿا جهڙيءَ طرح اهي پنهنجن پٽن کي سڃاڻن ٿا (پر) جيڪي ماڻهو گهاٽي ۾ پئجي ويا ۽ پنهنجي جانين کي (بہ) گهاٽي ۾ وجهي ڇڏيو اهي ايمان نہ ٿا آڻين.

وَمَنْ اَظْلَمُ مِمَّنِ افْتَرٰى عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا اَوْ كَذَّبَ
بِاٰيٰتِهٖ اِنَّهٗ لَا يُفْلِحُ الظّٰلِمُوْنَ ﴿۲۲﴾

۲۲. ۽ انهيءَ کان وڌيڪ ظالم ڪير ٿي سگهي ٿو جيڪو الله تي ڪوڙ ٻڌي ٿو يا انهيءَ جي نشانن کي ڪوڙو ڪري ٿو. سچي ڳالهہ هيءَ آهي تہ ظالم ڪڏهين ڪامياب نٿا ٿين.

وَيَوْمَ نَحْشُرُهُمْ جَمِيْعًا ثُمَّ نَقُوْلُ لِلَّذِيْنَ اَشْرَكُوْٓا
اَيْنَ شُرَكَآؤُكُمُ الَّذِيْنَ كُنْتُمْ تَزْعُمُوْنَ ﴿۲۳﴾

۲۳. ۽ جنهن ڏينهن اسان انهن سڀني کي گڏ ڪنداسين پوءِ جن اسان جا شريڪ قرار ڏنا آهن انهن کي چونداسين تہ توهانجا (بنايل) اهي شريڪ جن جي متعلق توهان دعويٰ ڪندا هئا (تہ اهي الله جا شريڪ آهن) ڪٿي آهن.

ثُمَّ لَمْ تَكُنْ فِتْنَتُهُمْ اِلَّآ اَنْ قَالُوْا وَاللّٰهِ رَبِّنَا مَا
كُنَّا مُشْرِكِيْنَ ﴿۲۴﴾

۲۴. پوءِ انهيءَ جي جواب ۾ اهي صرف هي چوندا تہ الله جو قسم جيڪو اسانجو (سچو) رب آهي اسان (تہ) مشرڪ هواسين (ئي) ڪونہ.

اُنْظُرْ كَيْفَ كَذَبُوْا عَلٰٓى اَنْفُسِهِمْ وَضَلَّ عَنْهُمْ مَّا كَانُوْا
يَفْتَرُوْنَ ﴿۲۵﴾

۲۵. ڏس (انهيءَ موقعي تي) اهي ڪهڙيءَ طرح پنهن جي جانين جي متعلق ڪوڙ ڳالهائيندا ۽ جيڪي (ڪجهہ) اهي انهيءَ کان پهرين ڪوڙ ڳالهائيندا هئا (سڀ) انهن کان وسري ويندا.

وَمِنْهُمْ مَّنْ يَّسْتَمِعُ اِلَيْكَ وَجَعَلْنَا عَلٰى قُلُوْبِهِمْ
اَكِنَّةً اَنْ يَّفْقَهُوْهُ وَفِيْٓ اٰذَانِهِمْ وَقْرًا وَاِنْ يَّرَوْا
كُلَّ اٰيَةٍ لَّا يُؤْمِنُوْا بِهَا حَتّٰٓى اِذَا جَآءُوْكَ يُجَادِلُوْنَكَ

۲۶. ۽ انهن مان ڪي (ماڻهو) اهڙا آهن جيڪي تنهنجن (ڳالهين) ڏانهن ڪن ڏين ٿا حالانڪ اسان انهن جي دلين تي پردا وجهي ڇڏيا آهن انهيءَ لاءِ تہ اهي انهيءَ کي (نہ)

يَقُوْلُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا اِنْ هٰذَآ اِلَّآ اَسَاطِيْرُ الْاَوَّلِيْنَ ۝٢٦

سمجهن ۽ انهن جي ڪنن ۾ ٻوڙاڻ (پيدا ڪري ڇڏي) آهي ۽ اهي ڪٿي هر هڪ (قسم جو) نشان ڏسن اهي انهيءَ تي ايمان نہ آڻيندا، (انهن جي حالت) ايستائين (پهتل آهي) جو جڏهين اهي تو وٽ اچن ٿا تہ توسان جهيڙو ڪن ٿا. ڪافر چون ٿا هي (قرآن) صرف پهرين جون ڪهاڻيون آهن.

وَهُمْ يَنْهَوْنَ عَنْهُ وَيَنْـَٔوْنَ عَنْهُ ۚ وَاِنْ يُّهْلِكُوْنَ اِلَّآ اَنْفُسَهُمْ وَمَا يَشْعُرُوْنَ ۝٢٧

٢٧- ۽ اهي انهيءَ کان (ٻين کي بہ) روڪين ٿا ۽ (خود بہ) انهيءَ کان پري رهن ٿا پر اهي پنهن جي پاڻ کان سواءِ ڪنهن کي بہ تباهہ نٿا ڪن پر اهي سمجهن نٿا.

وَلَوْ تَرٰٓى اِذْ وُقِفُوْا عَلَى النَّارِ فَقَالُوْا يٰلَيْتَنَا نُرَدُّ وَلَا نُكَذِّبَ بِاٰيٰتِ رَبِّنَا وَنَكُوْنَ مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ ۝٢٨

٢٨- ۽ جيڪڏهين تون انهنڪي (انهيءَ وقت) ڏسين جڏهين انهن کي دوزخ جي اڳيان بيهاريو ويندو جڏهين (اهي) چوندا (تہ) اي ڪاش اسان کي "ايمان جي حالت ۾" واپس موٽايو وڃي ۽ اسان آئنده ڪڏهين پنهن جي رب جي نشانن کي ڪوڙو نہ چونداسين (تہ توکي انهن جي ڪوڙ جي حقيقت معلوم ٿي وڃي)

بَلْ بَدَا لَهُمْ مَّا كَانُوْا يُخْفُوْنَ مِنْ قَبْلُ ۭ وَلَوْ رُدُّوْا لَعَادُوْا لِمَا نُهُوْا عَنْهُ وَاِنَّهُمْ لَكٰذِبُوْنَ ۝٢٩

٢٩- حقيقت هيءَ آهي تہ جيڪي (ڪجهہ) اهي (هن کان پهرينءَ) لڪائيندا هئا اهو انهن تي چڱيءَ طرح منڪشف ٿي ويو آهي ۽ جيڪڏهين انهن کي (واپس) موٽايو وڃي ها تہ اهي ضرور (انهيءَ ڳالهہ ڏانهن) ڦري وڃن ها جنهن کان انهن کي روڪيو ويندو هو ۽ اهي يقينن (پنهنجي هن دعويٰ ۾) ڪوڙا آهن.

وَقَالُوْٓا اِنْ هِيَ اِلَّا حَيَاتُنَا الدُّنْيَا وَمَا نَحْنُ بِمَبْعُوْثِيْنَ ۝٣٠

٣٠- ۽ اهي چون ٿا تہ اسان جي (هن) دنيوي زندگيءَ کان سواءِ ڪا (ٻي زندگي) نہ آهي ۽ نہ وري اسان کي اٿاريو ويندو.

وَاُوْذُوْا حَتّٰٓى اَتٰىهُمْ نَصْرُنَا ۚ وَلَا مُبَدِّلَ لِكَلِمٰتِ اللّٰهِ ۚ
وَلَقَدْ جَآءَكَ مِنْ نَّبَاِى الْمُرْسَلِيْنَ ﴿۳۴﴾

جو انهن کي ڪوڙو ڪيو ويو ۽ انهن کي تڪليف ڏني ويئي اهي صبر ڪندا رهيا ايستائين جو انهن وٽ اسانجي مدد پهچي ويئي ۽ الله جي ڳالهين کي بدلائڻ وارو ڪوبه ڪونهي ۽ تو وٽ رسولن جون ڪي خبرون يقينن اچي چڪيون آهن.

وَاِنْ كَانَ كَبُرَ عَلَيْكَ اِعْرَاضُهُمْ فَاِنِ اسْتَطَعْتَ اَنْ
تَبْتَغِيَ نَفَقًا فِى الْاَرْضِ اَوْ سُلَّمًا فِى السَّمَآءِ فَتَاْتِيَهُمْ
بِاٰيَةٍ ۚ وَلَوْ شَآءَ اللّٰهُ لَجَمَعَهُمْ عَلَى الْهُدٰى فَلَا
تَكُوْنَنَّ مِنَ الْجٰهِلِيْنَ ﴿۳۵﴾

النصف

۳۶- ۽ جيڪڏهين انهن (ڪافرن) جو منهن موڙڻ توتي ڳرو لڳي ٿو تہ جيڪڏهين تو ۾ طاقت آهي تہ زمين ۾ ڪنهن سرنگهہ جي يا آسمان ڏانهن ڪنهن ڏاڪڻ جي ڳولا ڪري سگهين (۽) پوءِ انهن جي لاءِ ڪو نشان آڻين سگهين (تہ بيشڪ آڻين ڪر) ۽ جيڪڏهين الله چاهي ها تہ انهن کي ضرور هدايت تي گڏ ڪري ڇڏي ها - پوءِ تون نا واقفن مان هرگز نہ بڻج.

اِنَّمَا يَسْتَجِيْبُ الَّذِيْنَ يَسْمَعُوْنَ ۘ وَالْمَوْتٰى يَبْعَثُهُمُ
اللّٰهُ ثُمَّ اِلَيْهِ يُرْجَعُوْنَ ﴿۳۶﴾

وقف منزل
وعند البعض على يسمعون وقف غفران

۳۷- جيڪي ماڻهو ٻڌن ٿا اهي ئي (ڳالهہ کي) قبول ڪن ٿا ۽ (جيڪي) مئل (آهن) الله انهنکي اٿاريندو- پوءِ انهن کي انهيءَ ڏانهن ئي موٽايو ويندو.

وَقَالُوْا لَوْلَا نُزِّلَ عَلَيْهِ اٰيَةٌ مِّنْ رَّبِّهٖ ۗ قُلْ اِنَّ اللّٰهَ
قَادِرٌ عَلٰٓى اَنْ يُّنَزِّلَ اٰيَةً وَّلٰكِنَّ اَكْثَرَهُمْ لَا
يَعْلَمُوْنَ ﴿۳۷﴾

۳۸- ۽ اهي چون ٿا تہ انهن جي رب جي طرفان انهن تي ڪو نشان ڇونہ نازل ڪيو ويو. تون چئو تہ الله انهيءَ (ڳالهہ) تي يقينن قادر آهي تہ ڪوبہ نشان نازل ڪري ها پر انهن مان اڪثر (انهيءَ ڳالهہ کي) نٿا ڄاڻن.

وَمَا مِنْ دَآبَّةٍ فِى الْاَرْضِ وَلَا طٰٓئِرٍ يَّطِيْرُ بِجَنَاحَيْهِ
اِلَّآ اُمَمٌ اَمْثَالُكُمْ ۗ مَا فَرَّطْنَا فِى الْكِتٰبِ مِنْ شَيْءٍ ثُمَّ
اِلٰى رَبِّهِمْ يُحْشَرُوْنَ ﴿۳۸﴾

۳۹- ۽ سڀئي زمين تي هلڻ وارا (جانور) ۽ پڻ پنهن جن ٻنهي پرن سان اڏامڻ وارا پکي توهان وانگر جماعتون آهن. اسان هن ڪتاب ۾ ڪابہ ڪمي نہ ڪئي آهي. پوءِ انهن کي (يعني ٻنهي بيان ڪيل گروهن مان انسانن

کي) پنهنجي رب ڏانهن گڏ ڪري نيو ويندو.

وَالَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا صُمٌّ وَّبُكْمٌ فِي الظُّلُمٰتِ ؕ مَنْ يَّشَاِ اللّٰهُ يُضْلِلْهُ ؕ وَمَنْ يَّشَاْ يَجْعَلْهُ عَلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ ﴿٣٩﴾

۴٠۔ ۽ جن ماڻهن اسانجن آيتن کي ڪوڙو ڪيو آهي ۽ اهي ٻوڙا ۽ گونگا آهن (۽) اونده ۾ (پيل) آهن. جنهنکي الله چاهي تباه ڪري ڇڏي ۽ جنهن کي چاهي سڌي رستي تي (قائم) ڪري.

قُلْ اَرَءَيْتَكُمْ اِنْ اَتٰىكُمْ عَذَابُ اللّٰهِ اَوْ اَتَتْكُمُ السَّاعَةُ اَغَيْرَ اللّٰهِ تَدْعُوْنَ ۚ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿٤٠﴾

۴١۔ تون چئو ته توهان ٻڌايو ته (سهي) ته جيڪڏهين توهان تي الله جو عذاب اچي وڃي يا توهان تي اها (وعدي ڪيل) گهڙي اچي وڃي ته جيڪڏهين توهان سچا آهيو ته ڇا توهان (انهيءَ وقت) الله کان سواءِ ڪنهن (ٻئي) کي ڀڪاريندا.

بَلْ اِيَّاهُ تَدْعُوْنَ فَيَكْشِفُ مَا تَدْعُوْنَ اِلَيْهِ اِنْ شَآءَ وَتَنْسَوْنَ مَا تُشْرِكُوْنَ ﴿٤١﴾ ع

۴٢۔ نه پر توهان انهيءَ کي ڀڪاريندؤ پوءِ جيڪڏهين اهو چاهيندو ته جنهن (تڪليف جي دور ڪرڻ) جي لاءِ توهان (انهيءَ کي) ڀڪاريندؤ اهو انهيءَ کي ضرور دور ڪري ڇڏيندو ۽ توهان انهيءَ کي جنهنکي توهان (خدا جو) شريڪ قرار ڏيو ٿا وساري ڇڏيندؤ.

وَلَقَدْ اَرْسَلْنَآ اِلٰٓى اُمَمٍ مِّنْ قَبْلِكَ فَاَخَذْنٰهُمْ بِالْبَاْسَآءِ وَالضَّرَّآءِ لَعَلَّهُمْ يَتَضَرَّعُوْنَ ﴿٤٢﴾

۴٣۔ ۽ اسان توکان پهرين قومن ڏانهن (رسول) موڪلي چڪا آهيون ۽ (انهن رسولن جي اچڻ کانپوءِ) اسان انهن کي (يعني منڪرن کي) انهي ڪري مالي ۽ جسماني تڪليفن ۾ گرفتار ڪيو هو ته اهي عاجزي اختيار ڪن.

فَلَوْلَآ اِذْ جَآءَهُمْ بَاْسُنَا تَضَرَّعُوْا وَلٰكِنْ قَسَتْ قُلُوْبُهُمْ وَزَيَّنَ لَهُمُ الشَّيْطٰنُ مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿٤٣﴾

۴۴۔ پوءِ ڇو نه ائين ٿيو جو جڏهين انهن تي اسانجو عذاب آيو هو ته اهي عاجزي اختيار ڪن ها پر انهن جون دليون (ته اجا به) سخت ٿي ويئون ۽ شيطان انهيءَ کي جيڪي اهي ڪندا هئا انهن کي خوبصورت ڪري

ڏيکاريو.

فَلَمَّا نَسُوا مَا ذُكِّرُوا بِهٖ فَتَحْنَا عَلَيْهِمْ اَبْوَابَ كُلِّ شَيْءٍ ؕ حَتّٰۤى اِذَا فَرِحُوْا بِمَاۤ اُوْتُوْۤا اَخَذْنٰهُمْ بَغْتَةً فَاِذَا هُمْ مُّبْلِسُوْنَ ﴿٤٥﴾

٤٥- ۽ پوءِ جڏهن انهن انهيءَ (ڳالهہ) کي وساري ڇڏيو جيڪو انهن کي ياد ڏياريو ويندو هو تہ اسان انهن تي هر هڪ شيءِ جا دروازا کولي ڇڏيا. ايستائين جو جڏهن اهي انهيءَ تي خوش ٿي ويا جيڪي انهن کي ڏنو ويو هو تہ اسان انهنکي اوچتو عذاب ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو جنهن تي اهي هڪدم نا اميد ٿي ويا.

فَقُطِعَ دَابِرُ الْقَوْمِ الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا ؕ وَالْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٤٦﴾

٤٦- پوءِ جن ظلم ڪيو هو انهن جي پاڙ ڪٽي وئي ۽ (ثابت ٿيو تہ) سڀني تعريفن جو الله ئي مستحق آهي جيڪو سڀني جهانن جو رب آهي.

قُلْ اَرَءَيْتُمْ اِنْ اَخَذَ اللّٰهُ سَمْعَكُمْ وَاَبْصَارَكُمْ وَخَتَمَ عَلٰى قُلُوْبِكُمْ مَّنْ اِلٰهٌ غَيْرُ اللّٰهِ يَاْتِيْكُمْ بِهٖ ؕ اُنْظُرْ كَيْفَ نُصَرِّفُ الْاٰيٰتِ ثُمَّ هُمْ يَصْدِفُوْنَ ﴿٤٧﴾

٤٧- تون چؤ تہ ٻڌايو تہ سهي (تہ) جيڪڏهين الله توهانجي شنوائيءَ ۽ بينائيءَ کي ضائع ڪري ڇڏي ۽ توهانجي دلين تي مهر لڳائي ڇڏي تہ الله کانسواءِ ڪير معبود آهي جيڪو اها (ضائع ٿيل شيءِ) توهان کي (واپس) آڻي ڏيندو. ڏس اسان ڪهڙيءَ طرح آيتن کي وري وري (مختلف طريقي ۾) بيان ڪيون ٿا (پر) وري بہ اهي منهن موڙيندا هليا وڃن ٿا.

قُلْ اَرَءَيْتَكُمْ اِنْ اَتٰىكُمْ عَذَابُ اللّٰهِ بَغْتَةً اَوْ جَهْرَةً هَلْ يُهْلَكُ اِلَّا الْقَوْمُ الظّٰلِمُوْنَ ﴿٤٨﴾

٤٨- تون چؤ تہ ٻڌايو تہ سهي (تہ) جيڪڏهين الله جو عذاب توهانتي اوچتو (سواءِ اطلاع) يا ظاهر ظهور طور تي اچي وڃي تہ ڇا ظالم ماڻهن کان سواءِ (ڪو ٻيو شخص) تباهہ ڪيو ويندو.

وَمَا نُرْسِلُ الْمُرْسَلِيْنَ اِلَّا مُبَشِّرِيْنَ وَمُنْذِرِيْنَ ۚ فَمَنْ اٰمَنَ وَاَصْلَحَ فَلَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ

٤٩- ۽ اسان رسولن کي صرف خوش خبري ڏيڻ ۽ ڊيڄارڻ جي لاءِ موڪليون ٿا. پوءِ جيڪي (ماڻهو) ايمان آڻين ۽ اصلاح ڪن

يَحْزَنُوْنَ ﴿٤٩﴾

تہ انهن کي نہ ڪنهن قسم جو (آئنده جي لاءِ) خوف هوندو ۽ نہ اهي (گذريل ڪوتاهين تي) غمگين هوندا.

وَالَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا يَمَسُّهُمُ الْعَذَابُ بِمَا كَانُوْا يَفْسُقُوْنَ ﴿٥٠﴾

٥٠. ۽ جن اسانجن آيتن جو انڪار ڪيو آهي انهنکي انهن جي نافرمانين جي سببان عذاب ٿيندو.

قُلْ لَّآ اَقُوْلُ لَكُمْ عِنْدِيْ خَزَآئِنُ اللّٰهِ وَلَآ اَعْلَمُ الْغَيْبَ وَلَآ اَقُوْلُ لَكُمْ اِنِّيْ مَلَكٌ ۚ اِنْ اَتَّبِعُ اِلَّا مَا يُوْحٰٓى اِلَيَّ ؕ قُلْ هَلْ يَسْتَوِي الْاَعْمٰى وَالْبَصِيْرُ ؕ اَفَلَا تَتَفَكَّرُوْنَ ﴿٥٠﴾ ع

٥١. تون چؤ تہ مان توهانکي هيءُ نٿو چوان تہ مون وٽ الله جا خزانا آهن ۽ نہ (هيءُ تہ) مان غيب ڄاڻان ٿو ۽ نہ مان توهان کي اهو چوان ٿو تہ مان فرشتو آهيان. مان تہ صرف انهيءَ جي پيروي ڪيان ٿو جيڪو مون ڏانهن الهام ڪيو ويو آهي. تون چؤ تہ ڇا انڌو ۽ اکين وارو برابر ٿي سگهي ٿو پوءِ ڇا توهان سوچيو نٿا؟

وَاَنْذِرْ بِهِ الَّذِيْنَ يَخَافُوْنَ اَنْ يُّحْشَرُوْٓا اِلٰى رَبِّهِمْ لَيْسَ لَهُمْ مِّنْ دُوْنِهٖ وَلِيٌّ وَّلَا شَفِيْعٌ لَّعَلَّهُمْ يَتَّقُوْنَ ﴿٥١﴾

٥٢. ۽ تون هن (ڪلام) جي ذريعي انهن ماڻهن کي جيڪي هن ڳالهہ کان ڊڄن ٿا تہ انهن کي انهن جي رب وٽ گڏ ڪري نيو ويندو. جڏهن تہ هن کان سواءِ نہ انهن جو ڪو مددگار هوندو نہ سفارشي. انهيءَ جي لاءِ ڊيڄار تہ اهي تقويٰ اختيار ڪن.

وَلَا تَطْرُدِ الَّذِيْنَ يَدْعُوْنَ رَبَّهُمْ بِالْغَدٰوةِ وَالْعَشِيِّ يُرِيْدُوْنَ وَجْهَهٗ ؕ مَا عَلَيْكَ مِنْ حِسَابِهِمْ مِّنْ شَيْءٍ وَّمَا مِنْ حِسَابِكَ عَلَيْهِمْ مِّنْ شَيْءٍ فَتَطْرُدَهُمْ فَتَكُوْنَ مِنَ الظّٰلِمِيْنَ ﴿٥٢﴾

٥٣. ۽ تون انهن ماڻهن کي جيڪي پنهن جي رب کي صبح ۽ شام انهيءَ جو توجہ چاهيندي پڪارين ٿا نہ تڙ. انهن جي حساب جو ڪوبہ حصو تنهن جي ذمي ڪونهي ۽ تنهن جي حساب جو ڪوبہ حصو انهن جي ذمي ڪونهي. پوءِ (جيڪڏهين) تون انهن کي تڙيندين تہ ظالم ٿي ويندين.

وَكَذٰلِكَ فَتَنَّا بَعْضَهُمْ بِبَعْضٍ لِّيَقُوْلُوْٓا اَهٰٓؤُلَآءِ مَنَّ اللّٰهُ عَلَيْهِمْ مِّنْۢ بَيْنِنَا ؕ اَلَيْسَ اللّٰهُ بِاَعْلَمَ

٥٤. ۽ اسان انهن مان ڪن کي ڪن جي ذريعي اهڙيءَ طرح آزمايو آهي انهيءَ لاءِ تہ اهي (تڪليف ۾ پيل ماڻهو) چون تہ ڇا الله

بِالشّٰكِرِيْنَ ﴿۵۴﴾

اسان مان انهن (ذليل) ماڻهن تي احسان ڪيو آهي (نيڪ آهي) ڇا خدا شڪر گذارن کي (سڀ کان وڌيڪ) نٿو ڄاڻي؟

وَاِذَا جَآءَكَ الَّذِيْنَ يُؤْمِنُوْنَ بِاٰيٰتِنَا فَقُلْ سَلٰمٌ عَلَيْكُمْ كَتَبَ رَبُّكُمْ عَلٰى نَفْسِهِ الرَّحْمَةَ ۙ اَنَّهٗ مَنْ عَمِلَ مِنْكُمْ سُوْٓءًۢا بِجَهَالَةٍ ثُمَّ تَابَ مِنْۢ بَعْدِهٖ وَاَصْلَحَ فَاَنَّهٗ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿۵۵﴾

٥٥۔ ۽ جڏهن تو وٽ اهي ماڻهون اچن جيڪي اسانجي آيتن تي ايمان آڻين ٿا تہ تون (انهن کي)چؤ توهانتي هميشه سلامتي هجي. توهان جي رب پنهنجي پاڻ تي (توهان جي لاءِ) رحمت کي فرض ڪري ورتو آهي (اهڙيءَ طرح) جو توهان مان جيڪو (بہ) غفلت ۾ ڪا بدي ڪري ويهندو پوءِ اهو انهيءَ کانپوءِ توبہ ڪري وٺندو ۽ اصلاح ڪندو تہ انهيءَ (خدا) جي صفت هيءَ آهي جو هو ڏاڍو بخشڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي.

وَكَذٰلِكَ نُفَصِّلُ الْاٰيٰتِ وَلِتَسْتَبِيْنَ سَبِيْلُ الْمُجْرِمِيْنَ ﴿۵۶﴾ ع

٥٦۔ ۽ اسان نشانن کي اهڙيءَ طرح کولي (کولي) بيان ڪيون ٿا (انهيءَ لاءِ تہ حق ظاهر ٿي وڃي) ۽ انهيءَ لاءِ تہ مجرمن جو طريقو ظاهر ٿي وڃي.

قُلْ اِنِّيْ نُهِيْتُ اَنْ اَعْبُدَ الَّذِيْنَ تَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ ؕ قُلْ لَّآ اَتَّبِعُ اَهْوَآءَكُمْ ۙ قَدْ ضَلَلْتُ اِذًا وَّمَآ اَنَا مِنَ الْمُهْتَدِيْنَ ﴿۵۷﴾

٥٧۔ تون (انهنکي) چؤ تہ مونکي بلڪل منع ڪئي ويئي آهي تہ مان انهن (ڪوڙن معبودن) جي عبادت ڪيان جنکي توهان الله کانسواءِ پڪاريو ٿا تون (انهنکي) چؤ تہ مان توهانجي ڪريل خواهشن جي پيروي نٿو ڪيان (جي ڪڏهين مان ائين ڪيان تہ انهيءَ صورت ۾ (سمجهو تہ) مان گمراهہ ٿي چڪس - ۽ مان هدايت يافتہ (ماڻهن) مان نہ آهيان.

قُلْ اِنِّيْ عَلٰى بَيِّنَةٍ مِّنْ رَّبِّيْ وَكَذَّبْتُمْ بِهٖ ؕ مَا عِنْدِيْ مَا تَسْتَعْجِلُوْنَ بِهٖ ؕ اِنِ الْحُكْمُ اِلَّا لِلّٰهِ ؕ يَقُصُّ الْحَقَّ

٥٨۔ تون (انهنکي) چؤ تہ مان پنهن جي رب جي طرفان دليل تي آهيان ۽ توهان انهيءَ (دليل) جو انڪار ڪيو آهي. جنهن ڳالهہ

وَهُوَ خَيْرُ الْفٰصِلِيْنَ ﴿٥٧﴾

جي متعلق توهان جلدي ڪيو ٿا اها مون وٽ نہ آهي فيصلو تہ الله جي ئي اختيار ۾ آهي اهو سچائي بيان ڪريٿو ۽ هو فيصلو ڪرڻ ۾ سڀني کان سٺو آهي.

قُلْ لَّوْ اَنَّ عِنْدِيْ مَا تَسْتَعْجِلُوْنَ بِهٖ لَقُضِيَ الْاَمْرُ بَيْنِيْ وَ بَيْنَكُمْ ۭ وَ اللّٰهُ اَعْلَمُ بِالظّٰلِمِيْنَ ﴿٥٨﴾

٥٩- تون (انهنکي) چؤ تہ جنهن شيءِ جي متعلق توهان جلديءَ جا خواهان آهيو جيڪڏهين اها مون وٽ هجي ها تہ منهن جي ۽ توهان جي وچ (اختلافي) ڳالهہ جو فيصلو (ڪڏهوڪو) ٿي وڃي ها. ۽ الله ظالمن کي سڀني کان وڌيڪ ڄاڻي ٿو (جڏهين چاهيندو فيصلو ڪري ڇڏيندو)

وَ عِنْدَهٗ مَفَاتِحُ الْغَيْبِ لَا يَعْلَمُهَآ اِلَّا هُوَ ۭ وَ يَعْلَمُ مَا فِي الْبَرِّ وَ الْبَحْرِ ۭ وَ مَا تَسْقُطُ مِنْ وَّرَقَةٍ اِلَّا يَعْلَمُهَا وَ لَا حَبَّةٍ فِيْ ظُلُمٰتِ الْاَرْضِ وَ لَا رَطْبٍ وَّ لَا يَابِسٍ اِلَّا فِيْ كِتٰبٍ مُّبِيْنٍ ﴿٥٩﴾

٦٠- ۽ انهيءَ وٽ غيب جون ڪنجيون آهن. سواءِ انهيءَ جي انهن (غيبن) کي ڪوبہ نٿو ڄاڻي ۽ جيڪي ڪجهہ خشڪي ۽ سمنڊ ۾ آهي اهو انهيءَ کي ڄاڻي ٿو ۽ ڪوبہ پن نٿو ڪري مگر هو انکي ڄاڻي ٿو ۽ زمين جي اونداهيءَ ۾ ڪو داڻو ڪونهي ۽ نہ ڪا آلي (شيءِ) آهي ۽ نہ خشڪ (شيءِ) جيڪا (انهيءَ جي) ظاهر (ظهور) حفاظت ۾ نہ هجي.

وَهُوَ الَّذِيْ يَتَوَفّٰىكُمْ بِالَّيْلِ وَ يَعْلَمُ مَا جَرَحْتُمْ بِالنَّهَارِ ثُمَّ يَبْعَثُكُمْ فِيْهِ لِيُقْضٰٓى اَجَلٌ مُّسَمًّى ۚ ثُمَّ اِلَيْهِ مَرْجِعُكُمْ ثُمَّ يُنَبِّئُكُمْ بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿٦٠﴾ ع ١٣

٦١- ۽ اهو ئي آهي جيڪو رات جي وقت توهانجو روح قبض ڪريٿو ۽ ڏينهن جي وقت جيڪي ڪجهہ توهان ڪيو ٿا, انهيءَ کي ڄاڻي ٿو پوءِ توهانکي ڏينهن جو اٿاريٿو انهيءَ لاءِ تہ هڪ مدت جيڪا مقرر ٿي چڪي آهي پوري ڪئي وڃي جنهن کان پوءِ توهانجو موٽڻ انهيءَ ڏانهن ئي آهي ۽ جيڪي ڪجهہ توهان ڪيو ٿا هو انهيءَ جي توهانکي خبر ڏيندو.

وَهُوَ الْقَاهِرُ فَوْقَ عِبَادِهٖ وَ يُرْسِلُ عَلَيْكُمْ حَفَظَةً ۭ

٦٢- ۽ هو پنهن جن ٻانهن تي غالب آهي ۽

حَتّٰىٓ اِذَا جَآءَ اَحَدَكُمُ الْمَوْتُ تَوَفَّتْهُ رُسُلُنَا وَهُمْ لَا يُفَرِّطُوْنَ ﴿٦١﴾

توهان تي نگران (مقرر ڪري) موڪليندو (رهي) ٿو ايستائين جو جڏهين توهان مان ڪنهن کي موت اچي پڪڙيندو تہ اسانجا موڪليل (فرشتا) انهيءَ جو روح قبض ڪري وٺن ٿا ۽ اهي (حڪم جي تعميل ۾) گهٽتائي نٿا ڪن.

ثُمَّ رُدُّوْٓا اِلَى اللّٰهِ مَوْلٰىهُمُ الْحَقِّ ۭ اَلَا لَهُ الْحُكْمُ ۣ وَهُوَ اَسْرَعُ الْحٰسِبِيْنَ ﴿٦٢﴾

٦٢- پوءِ انهن کي الله ڏانهن جيڪو انهنجو سچو آقا آهي موٽايو ويندو . ٻڌو! فيصلو انهيءَ جي اختيار ۾ آهي ۽ هو حساب وٺڻ وارن ۾ سڀني کان جلدي (حساب) وٺڻ وارو آهي.

قُلْ مَنْ يُّنَجِّيْكُمْ مِّنْ ظُلُمٰتِ الْبَرِّ وَالْبَحْرِ تَدْعُوْنَهٗ تَضَرُّعًا وَّخُفْيَةً ۚ لَىِٕنْ اَنْجٰىنَا مِنْ هٰذِهٖ لَنَكُوْنَنَّ مِنَ الشّٰكِرِيْنَ ﴿٦٣﴾

٦٣- تون (انهنکي) چؤ تہ توهانکي خشڪي ۽ آلاڻ جي مصيبتن کان ڪير بچائي ٿو جڏهين توهان انهيءَ کي عاجزي سان ۽ پوشيده طور تي (هيءُ چوندي) پڪاريو ٿا تہ جيڪڏهين اهو اسانکي هن مصيبت کان بچائيندو تہ اسان ضرور شڪر گذار ٿي ويندا سين.

قُلِ اللّٰهُ يُنَجِّيْكُمْ مِّنْهَا وَمِنْ كُلِّ كَرْبٍ ثُمَّ اَنْتُمْ تُشْرِكُوْنَ ﴿٦٤﴾

٦٤- تون (انهن کي) چؤ تہ الله (ئي) توهانکي انهيءَ کان (بہ) ۽ هر هڪ (ٻي) گهٻراهٽ کان (بہ) بچائي ٿو- پوءِ (بہ) توهان شرڪ ڪيو ٿا.

قُلْ هُوَ الْقَادِرُ عَلٰٓى اَنْ يَّبْعَثَ عَلَيْكُمْ عَذَابًا مِّنْ فَوْقِكُمْ اَوْ مِنْ تَحْتِ اَرْجُلِكُمْ اَوْ يَلْبِسَكُمْ شِيَعًا وَّيُذِيْقَ بَعْضَكُمْ بَاْسَ بَعْضٍ ۭ اُنْظُرْ كَيْفَ نُصَرِّفُ الْاٰيٰتِ لَعَلَّهُمْ يَفْقَهُوْنَ ﴿٦٥﴾

٦٥- تون (انهنکي) چؤ هو انهيءَ (ڳالهہ) تي بہ قادر آهي تہ توهانتي مٿان عذاب نازل ڪري يا توهان جي پيرن جي هيٺان يا توهان کي (هڪ ٻئي جي خلاف) پاڻ ۾ مختلف گروهن جي صورت ۾ ملائي ڇڏي ۽ توهان مان ڪن جي طرفان ڪن کي تڪليف پهچائي - ڏس اسان دليلن کي ڪهڙيءَ طرح بار بار بيان ڪيون ٿا انهيءَ لاءِ تہ اهي

بدلو بہ ڏين تہ انهن کان قبول نہ ڪيو ويندو هي اهي ماڻهو آهن جنڪي انهن جي ڪمائيءَ جي سببان تباهيءَ ۾ وڌو ويندو انهن کي انهن جي ڪفر جي سببان پيڻ جي لاءِ گرم پاڻي (ملندو) ۽ دردناڪ عذاب هوندو.

قُلْ اَنَدْعُوْا مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ مَا لَا يَنْفَعُنَا وَلَا يَضُرُّنَا وَنُرَدُّ عَلٰٓى اَعْقَابِنَا بَعْدَ اِذْ هَدٰىنَا اللّٰهُ كَالَّذِى اسْتَهْوَتْهُ الشَّيٰطِيْنُ فِى الْاَرْضِ حَيْرَانَ لَهٗٓ اَصْحٰبٌ يَّدْعُوْنَهٗٓ اِلَى الْهُدَى ائْتِنَا ۭ قُلْ اِنَّ هُدَى اللّٰهِ هُوَ الْهُدٰى ۭ وَاُمِرْنَا لِنُسْلِمَ لِرَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٧١﴾

٧١ تون (انهنکي) چؤ ڇا اسان الله کان سواءِ انهيءَ کي پڪاريون جيڪو نہ اسانکي (ڪو) نفعو ڏئي ٿو ۽ نہ نقصان پهچائي ٿو ۽ ڇا الله جي هدايت (ڏني) جڏهن کان پوءِ اسان انهيءَ (شخص) وانگر پنهن جي ڪڙين ڀر پونتي موٽايا وڃون جنهنکي سرڪش (ماڻهو) زمين ۾ ڀلائي وٺي ويا هجن (۽ اهو) حيران (۽ پريشان) ٿي رهيو هجي. انهيءَ جا (ڪجهہ) سائي تہ اهڙا آهن جيڪي انهيءَ کي (هيءَ چوندي) پڪارين ٿا تہ اسان وٽ اچ تہ هدايت حاصل ڪرين. تون (انهن ڪافرن کي) چؤ تہ يقينن الله جي هدايت ئي اصل هدايت آهي ۽ اسانکي حڪم ڏنو ويو آهي تہ اسان سڀني جهانن جي رب جي فرمان برداري ڪيون.

وَاَنْ اَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ وَاتَّقُوْهُ ۭ وَهُوَ الَّذِيْٓ اِلَيْهِ تُحْشَرُوْنَ ﴿٧٢﴾

٧٢ ۽ هيءَ (بہ هدايت ڏني وئي آهي) تہ نمازن کي باشرط ادا ڪيو ۽ انهيءَ (خدا) کي پنهن جي ڍال بنايو ۽ اهو ئي آهي جنهن ڏانهن توهان گڏ ڪري نيا ويندؤ.

وَهُوَ الَّذِيْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ بِالْحَقِّ ۭ وَيَوْمَ يَقُوْلُ كُنْ فَيَكُوْنُ ڛ قَوْلُهُ الْحَقُّ ۭ وَلَهُ الْمُلْكُ يَوْمَ يُنْفَخُ فِي الصُّوْرِ ۭ عٰلِمُ الْغَيْبِ وَالشَّهَادَةِ ۭ وَهُوَ الْحَكِيْمُ الْخَبِيْرُ ﴿٧٣﴾

٧٣ ۽ اهو ئي آهي جنهن آسمانن ۽ زمين کي حق (۽ حڪمت) سان پيدا ڪيو آهي ۽ جنهن ڏينهن اهو چوندو تہ (منهن جي منشا جي مطابق هنئين) ٿي وڃي (اهڙيءَ طرح) ٿي ويندو. انهيءَ جي ڳالهہ ٿي رهڻ واري آهي،

۽ جنهن ڏينهن صور ڦوڪي ويندي. حڪومت (صرف) انهيءَ کي (حاصل) هوندي (اهو) پوشيدهہ ۽ ظاهر (ڳالهين) جي ڄاڻڻ وارو آهي ۽ اهو حڪمت وارو (۽) خبردار آهي.

وَاِذْ قَالَ اِبْرٰهِيْمُ لِاَبِيْهِ اٰزَرَ اَتَتَّخِذُ اَصْنَامًا اٰلِهَةً ۚ
اِنِّيْٓ اَرٰىكَ وَقَوْمَكَ فِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ ﴿٧٥﴾

٧٥ ۽ (ياد ڪيو) جڏهين ابراهيم پنهنجي پيءُ آذر کي هيءَ چيو تہ ڇا تون (ڪن) بتن کي معبود بنائين ٿو. مان توکي ۽ تنهن جي قوم کي ظاهر (ظهور) گمراهيءَ ۾ ڏسان ٿو.

وَكَذٰلِكَ نُرِيْٓ اِبْرٰهِيْمَ مَلَكُوْتَ السَّمٰوٰتِ
وَالْاَرْضِ وَلِيَكُوْنَ مِنَ الْمُوْقِنِيْنَ ﴿٧٦﴾

٧٦ ۽ اسان ابراهيم کي اهڙيءَ طرح آسمانن ۽ زمينن تي (پنهن جي) بادشاهت ڏيکاريندا هئاسين (انهيءَ لاءِ تہ انهيءَ جو علم ڪامل ٿئي) ۽ انهيءَ لاءِ تہ اهو يقين ڪرڻ وارن مان ٿي وڃي.

فَلَمَّا جَنَّ عَلَيْهِ الَّيْلُ رَاٰ كَوْكَبًا ۚ قَالَ هٰذَا رَبِّيْ ۚ
فَلَمَّآ اَفَلَ قَالَ لَآ اُحِبُّ الْاٰفِلِيْنَ ﴿٧٧﴾

٧٧ (هڪ ڏينهن اهڙو ٿيو جو) جڏهين رات انهيءَ تي پردو وجهي ڇڏيو تہ انهي هڪ تارو ڏٺو (انهيءَ کي ڏسي) انهيءَ چيو تہ ڇا هيءَ منهنجو رب (ٿي سگهي) ٿو؟ پوءِ جڏهين اهو لهي ويو تہ انهيءَ چيو تہ مان لهي وڃڻ وارن کي پسند نٿو ڪريان.

فَلَمَّا رَاَ الْقَمَرَ بَازِغًا قَالَ هٰذَا رَبِّيْ ۚ فَلَمَّآ اَفَلَ
قَالَ لَىِٕنْ لَّمْ يَهْدِنِيْ رَبِّيْ لَاَكُوْنَنَّ مِنَ الْقَوْمِ
الضَّاۗلِّيْنَ ﴿٧٨﴾

٧٨ (انهيءَ کان پوءِ) جڏهين انهيءَ چنڊ چمڪندي ڏٺو تہ انهيءَ چيو تہ (ڇا) هيءَ منهنجو رب (ٿي سگهي) ٿو؟ پوءِ جڏهين اهو غائب ٿي ويو. تہ انهيءَ چيو تہ جيڪڏهين منهنجو رب مونکي هدايت نہ ڏئي ها تہ مان ضرور گمراهن جي جماعت مان هجان ها.

فَلَمَّا رَاَ الشَّمْسَ بَازِغَةً قَالَ هٰذَا رَبِّيْ هٰذَآ اَكْبَرُ ۚ
فَلَمَّآ اَفَلَتْ قَالَ يٰقَوْمِ اِنِّيْ بَرِيْۗءٌ مِّمَّا تُشْرِكُوْنَ ﴿٧٩﴾

٧٩ پوءِ جڏهين انهيءَ سج کي چمڪندي ڏٺو تہ انهيءَ چيو تہ (ڇا) هي منهنجو رب (ٿي سگهي) ٿو. هي بيشڪ سڀني کان وڏو آهي پوءِ جڏهين اهو (بہ) غائب ٿي ويو تہ

انهيءَ چيو تہ مان انهيءَ کان جنهن کي توهان (خدا جو) شريڪ بنايو ٿا بلڪل بيزار آهيان.

إِنِّي وَجَّهْتُ وَجْهِيَ لِلَّذِي فَطَرَ السَّمٰوٰتِ وَالْأَرْضَ حَنِيفًا وَّمَآ أَنَا مِنَ الْمُشْرِكِينَ ﴿٨٠﴾

٨٠۔ مون (سيني) ڏنگين واٽن کان بچندي يقينَ پنهن جو توجہ انهيءَ (خدا) ڏانهن ڦيرائي ڇڏيو آهي جنهن آسمانن ۽ زمين کي پيدا ڪيو آهي ۽ مان مشرڪن مان نہ آهيان.

وَحَآجَّهُ قَوْمُهُ ۚ قَالَ أَتُحَآجُّوٓنِّي فِي اللّٰهِ وَقَدْ هَدٰىنِ ۚ وَلَآ أَخَافُ مَا تُشْرِكُونَ بِهِۦٓ إِلَّآ أَن يَشَآءَ رَبِّي شَيْـًٔا ۗ وَسِعَ رَبِّي كُلَّ شَيْءٍ عِلْمًا ۗ أَفَلَا تَتَذَكَّرُونَ ﴿٨١﴾

٨١۔ ۽ انهيءَ جي قوم انهيءَ سان بحث ڪري ڪرڻ چاهيو (تہ) انهيءَ چيو تہ ڇا توهان مونکان الله جي باري ۾ بحث ڪيو ٿا حالانڪ انهيءَ خود مونکي هدايت ڏني آهي ۽ جنهنکي توهان الله جوشريڪ ٺاهيو ٿا مان انهيءَ کان نٿو ڊڄان. ها جيڪڏهين منهنجو رب ڪنهن ڳالهہ جو ارادو ڪري (تہ انهيءَ کان ڊڄانٿو) منهن جي رب هر هڪ شيءِ جو، علم سان گهيرو ڪري رکيو آهي پوءِ ڇا توهان سمجهو نٿا.

وَكَيْفَ أَخَافُ مَآ أَشْرَكْتُمْ وَلَا تَخَافُونَ أَنَّكُمْ أَشْرَكْتُم بِاللّٰهِ مَا لَمْ يُنَزِّلْ بِهِۦ عَلَيْكُمْ سُلْطٰنًا ۚ فَأَيُّ الْفَرِيقَيْنِ أَحَقُّ بِالْأَمْنِ ۖ إِن كُنتُمْ تَعْلَمُونَ ﴿٨٢﴾

٨٢۔ ۽ مان انهيءَ (شيءِ) کان جنهنکي توهان (خدا جو) شريڪ بنايو ٿا ڪئين ڊڄي سگهان ٿو جڏهين تہ انهيءَ (شيءِ) کي جنهن جي متعلق هن توهانتي ڪوبہ دليل نازل نہ ڪيو آهي، توهان الله جو شريڪ بنائڻ کان نٿا ڊڄو. سو جيڪڏهين توهان (ڪجهہ) علم رکو ٿا تہ (ٻڌايو تہ) اسان ٻنهي ڌرين مان ڪير امن (۾ رهڻ) جو وڌيڪ مستحق آهي.

الَّذِينَ اٰمَنُوا وَلَمْ يَلْبِسُوٓا إِيمٰنَهُم بِظُلْمٍ أُولٰٓئِكَ لَهُمُ الْأَمْنُ وَهُم مُّهْتَدُونَ ﴿٨٣﴾

٨٣۔ جن ماڻهن ايمان آندو ۽ انهن پنهنجي ايمان کي ظلم سان نہ ملايو انهن ئي ماڻهن جي لاءِ امن (مقدر) آهي ۽ اهي ئي هدايت

تي وڃن ها.

أُولَٰئِكَ الَّذِينَ آتَيْنَاهُمُ الْكِتَابَ وَالْحُكْمَ وَالنُّبُوَّةَ ۚ فَإِنْ يَكْفُرْ بِهَا هَٰؤُلَاءِ فَقَدْ وَكَّلْنَا بِهَا قَوْمًا لَيْسُوا بِهَا بِكَافِرِينَ ﴿٩٠﴾

٩٠. اهي ئي ماڻهو آهن جنکي اسان ڪتاب ۽ فيصلي ڪرڻ جي حڪمت ۽ نبوت ڏني هئي پوءِ جيڪڏهين اهي ماڻهو انهيءَ (نبوت) جو انڪار ڪن تہ اسان انهيءَ کي هڪ (ٻي) قوم (يعني مسلمان) جي سپرد ڪري ڇڏيو آهي جيڪي انهيءَ جا منڪر نہ آهن.

أُولَٰئِكَ الَّذِينَ هَدَى اللَّهُ ۖ فَبِهُدَاهُمُ اقْتَدِهْ ۗ قُلْ لَا أَسْأَلُكُمْ عَلَيْهِ أَجْرًا ۖ إِنْ هُوَ إِلَّا ذِكْرَىٰ لِلْعَالَمِينَ ﴿٩١﴾ ع ١٢

٩١. انهن ٻي (مٿي ذڪر ڪيل ماڻهن) کي الله هدايت ڏني. پوءِ تون انهن جي هدايت جي پيروي ڪر. تون انهن کي چؤ تہ مان انهيءَ تي توهان کان ڪا مزدوري نٿو گهران هي تہ صرف سڀني جهانن جي لاءِ هڪ نصيحت آهي.

وَمَا قَدَرُوا اللَّهَ حَقَّ قَدْرِهِ إِذْ قَالُوا مَا أَنْزَلَ اللَّهُ عَلَىٰ بَشَرٍ مِنْ شَيْءٍ ۗ قُلْ مَنْ أَنْزَلَ الْكِتَابَ الَّذِي جَاءَ بِهِ مُوسَىٰ نُورًا وَهُدًى لِلنَّاسِ ۖ تَجْعَلُونَهُ قَرَاطِيسَ تُبْدُونَهَا وَتُخْفُونَ كَثِيرًا ۖ وَعُلِّمْتُمْ مَا لَمْ تَعْلَمُوا أَنْتُمْ وَلَا آبَاؤُكُمْ ۖ قُلِ اللَّهُ ۖ ثُمَّ ذَرْهُمْ فِي خَوْضِهِمْ يَلْعَبُونَ ﴿٩٢﴾

٩٢. ۽ جڏهين انهن هيءَ ڳالهہ چئي هئي تہ الله ڪنهن ٻانهي تي ڪجهہ نازل نہ ڪيو تہ انهن ماڻهن الله (جي صفتن) جو اندازو اهڙيءَ طرح نہ ڪيو هو جهڙي طرح ڪرڻ گهرجي تون (انهن کي) چؤ تہ اهو ڪتاب جيڪو موسيٰ آندو هو ۽ اهو ماڻهن جي لاءِ نور ۽ هدايت هو. انکي ڪنهن نازل ڪيو هو توهان انهيءَ کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري رکيا آهيو انهيءَ کي ظاهر (بہ) ڪيو ٿا ۽ (انهيءَ مان) گهڻن (حصن) کي لڪايو (بہ) ٿا. حالانڪ توهانکي اهو (ڪجهہ) سيکاريو ويو آهي جيڪو نہ توهان ڄاڻندا هئا ۽ نہ توهانجا ابا ڏاڏا (ڄاڻندا هئا) تون (انهنکي) چؤ تہ الله (ئي انهيءَ کي نازل ڪيو هو) پوءِ تون انهنکي ڪوڙ سان کيڏندي ڇڏي ڏي.

وَهَٰذَا كِتَابٌ أَنْزَلْنَاهُ مُبَارَكٌ مُصَدِّقُ الَّذِي بَيْنَ

٩٣. ۽ هيءَ (قرآن) هڪ (عظيم الشان)

يَدَيْهِ وَلِتُنْذِرَ اُمَّ الْقُرٰى وَمَنْ حَوْلَهَا ۭ وَالَّذِيْنَ
يُؤْمِنُوْنَ بِالْاٰخِرَةِ يُؤْمِنُوْنَ بِهٖ وَهُمْ عَلٰى صَلَاتِهِمْ
يُحَافِظُوْنَ ۝٩٣

ڪتاب آهي جنهنڪي اسان نازل ڪيو آهي (۽ اهو) برڪتن سان ڀريل آهي (۽) جيڪو (ڪلام) هن کان ڀهرين هو انهيءَ کي ڀورو ڪرڻ وارو آهي (۽ اسان انهيءَ کي انڪري نازل ڪيو آهي تہ تون انهيءَ جي ذريعي ماڻهن کي هدايت ڏين) ۽ انهيءَ لاءِ تہ تون ام القريٰ (يعني اهل مڪہ) کي ۽ جيڪي انهيءَ جي ارد گرد رهن ٿا ڊيڄارين ۽ جيڪي ماڻهو پوءِ اچڻ وارين (واعدي ڪيل ڳالهين) تي ايمان آڻين ٿا اهي هن (ڪتاب) (يعني قرآن) تي (بہ) ايمان آڻين ٿا ۽ اهي پنهنجي نمازن جو هميشه خيال رکن ٿا.

وَمَنْ اَظْلَمُ مِمَّنِ افْتَرٰى عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا اَوْ قَالَ اُوْحِيَ
اِلَيَّ وَلَمْ يُوْحَ اِلَيْهِ شَيْءٌ وَّمَنْ قَالَ سَاُنْزِلُ مِثْلَ
مَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ ۭ وَلَوْ تَرٰٓى اِذِ الظّٰلِمُوْنَ فِيْ غَمَرٰتِ الْمَوْتِ
وَالْمَلٰٓئِكَةُ بَاسِطُوْٓا اَيْدِيْهِمْ ۚ اَخْرِجُوْٓا اَنْفُسَكُمْ ۭ اَلْيَوْمَ
تُجْزَوْنَ عَذَابَ الْهُوْنِ بِمَا كُنْتُمْ تَقُوْلُوْنَ عَلَى
اللّٰهِ غَيْرَ الْحَقِّ وَكُنْتُمْ عَنْ اٰيٰتِهٖ تَسْتَكْبِرُوْنَ ۝٩٤

٩٤۔ ۽ انهيءَ شخص کان وڌيڪ ظالم ڪير ٿي سگهي ٿو جيڪو ڄاڻي ٻجهي الله تي ڪوڙ هڻي يا هيئن چوي تہ مونتي وحي (نازل) ڪئي ويئي آهي حالانڪ انهيءَ تي وحي (نازل) نہ ڪئي ويئي هجي ۽ (اهڙيءَ طرح) انهيءَ شخص کان (وڌيڪ ظالم ڪير ٿي سگهي ٿو) جيڪو چئي ٿو جيڪي ڪجهہ الله نازل ڪيو آهي مان بہ يقينن اهڙوئي (ڪلام) نازل ڪندس ۽ جيڪڏهين تون (انهيءَ وقت کي) ڏسين جڏهين ظالم موت جي تڪليفن ۾ مبتلا هوندا ۽ فرشتا (هي چوندي) پنهن جا هٿ وڌائي رهيا هوندا تہ پنهن جون جانيون ڪڍو جيڪي ڪجهہ توهان الله جي متعلق ناحق چوندا هئا ۽ جيڪو توهان انهيءَ جي آيتن جي باري ۾ تڪبر کان ڪم وٺندا هئا انهيءَ سبب جي ڪري توهان کي اڄ خواريءَ جو عذاب ڏنو ويندو (تہ توکي هڪ عبرتناڪ نظارو نظر ايندو.)

وَلَقَدْ جِئْتُمُونَا فُرَادَىٰ كَمَا خَلَقْنَاكُمْ أَوَّلَ مَرَّةٍ
وَتَرَكْتُمْ مَا خَوَّلْنَاكُمْ وَرَاءَ ظُهُورِكُمْ ۖ وَمَا نَرَىٰ مَعَكُمْ
شُفَعَاءَكُمُ الَّذِينَ زَعَمْتُمْ أَنَّهُمْ فِيكُمْ شُرَكَاءُ ۚ
لَقَدْ تَقَطَّعَ بَيْنَكُمْ وَضَلَّ عَنْكُمْ مَا كُنْتُمْ تَزْعُمُونَ ﴿٩٥﴾ ع

٩٥- ۽ (انهيءَ وقت اسان چونداسين تہ) جهڙيءَ طرح اسان توهان کي پهريون ڀيرو پيدا ڪيو هو (اهڙيءَ طرح هاڻي) توهان اسان وٽ اڪيلا اڪيلا پهتا آهيو. ۽ جيڪي ڪجهہ اسان بطور احسان توهانکي ڏنو هو انهيءَ کي توهان پنهن جي پٺين پويان ڇڏي ڏنو آهي ۽ (هيءَ ڪهڙي ڳالهہ آهي جو) اسان توهان جي انهن سفارشين کي جن جي باري ۾ توهان دعويٰ ڪندا هئا تہ اهي توهان (تي حڪومت ڪرڻ) ۾ (خدا جا) شريڪ آهن (اڄ) توهان سان نٿا ڏسون (هاڻي) توهان جا پاڻ ۾ رشتا بلڪل ڪٽجي ويا آهن ۽ جيڪي ڪجهہ توهان چوندا هئا اهو (سڀ) توهان کان وڃائجي ويو آهي.

إِنَّ اللَّهَ فَالِقُ الْحَبِّ وَالنَّوَىٰ ۖ يُخْرِجُ الْحَيَّ مِنَ
الْمَيِّتِ وَمُخْرِجُ الْمَيِّتِ مِنَ الْحَيِّ ۚ ذَٰلِكُمُ اللَّهُ ۖ فَأَنَّىٰ
تُؤْفَكُونَ ﴿٩٦﴾

٩٦- الله يقينن ٻج ۽ ڪڪڙين کي ڦاڙڻ وارو آهي، اهو زندهہ کي مردي مان ڪڍيٿو ۽ مردي کي زندهہ مان ڪڍڻ وارو آهي. توهانجو الله اهو آهي سو ڀڄايو توهان ڪٿان کان واپس موٽايا وڃو ٿا.

فَالِقُ الْإِصْبَاحِ وَجَعَلَ اللَّيْلَ سَكَنًا وَالشَّمْسَ وَالْقَمَرَ
حُسْبَانًا ۚ ذَٰلِكَ تَقْدِيرُ الْعَزِيزِ الْعَلِيمِ ﴿٩٧﴾

٩٧- هو صبح کي ظاهر ڪرڻ وارو آهي ۽ انهيءَ رات کي باعث آرام ۽ سج ۽ چنڊ کي حساب جو ذريعو بڻايو آهي. اهو اندازو انهيءَ جو آهي جيڪو غالب آهي (۽) ڄاڻڻ وارو آهي.

وَهُوَ الَّذِي جَعَلَ لَكُمُ النُّجُومَ لِتَهْتَدُوا بِهَا فِي
ظُلُمَاتِ الْبَرِّ وَالْبَحْرِ ۗ قَدْ فَصَّلْنَا الْآيَاتِ لِقَوْمٍ
يَعْلَمُونَ ﴿٩٨﴾

٩٨- ۽ اهو ئي آهي جنهن توهان جي لاءِ تارن کي پيدا ڪيو آهي انهيءَ لاءِ تہ توهان انهن جي ذريعي خشڪي ۽ آلاڻ جي مشڪلات ۾ راهہ معلوم ڪيو. اسان علم واريءَ قوم جي لاءِ نشان کولي بيان ڪري ڇڏيا آهن.

وَهُوَ الَّذِي أَنْشَأَكُمْ مِنْ نَفْسٍ وَاحِدَةٍ فَمُسْتَقَرٌّ

٩٩- ۽ اهوئي آهي جنهن توهان کي هڪ جان

وَمُسْتَوْدَعٌ ۗ قَدْ فَصَّلْنَا الْآيَاتِ لِقَوْمٍ يَفْقَهُونَ ﴿٩٩﴾

مان پيدا ڪيو آهي پوءِ انهيءَ کان بعد انهيءَ (توهان جيلاءِ) هڪ عارضي ٽڪڻ جي جڳهه ۽ هڪ ڏگهي عرصي تائين رهڻ جي جڳهه مقرر ڪئي آهي. اسان سمجهڻ وارن ماڻهن جيلاءِ نشان کولي بيان ڪري ڇڏيا آهن.

وَهُوَ الَّذِي أَنْزَلَ مِنَ السَّمَاءِ مَاءً فَأَخْرَجْنَا بِهِ نَبَاتَ كُلِّ شَيْءٍ فَأَخْرَجْنَا مِنْهُ خَضِرًا نُخْرِجُ مِنْهُ حَبًّا مُتَرَاكِبًا وَمِنَ النَّخْلِ مِنْ طَلْعِهَا قِنْوَانٌ دَانِيَةٌ وَجَنَّاتٍ مِنْ أَعْنَابٍ وَالزَّيْتُونَ وَالرُّمَّانَ مُشْتَبِهًا وَغَيْرَ مُتَشَابِهٍ ۗ انْظُرُوا إِلَىٰ ثَمَرِهِ إِذَا أَثْمَرَ وَيَنْعِهِ ۚ إِنَّ فِي ذَٰلِكُمْ لَآيَاتٍ لِقَوْمٍ يُؤْمِنُونَ ﴿١٠٠﴾

١٠٠- اهوئي آهي جنهن آسمانن مان پاڻي لاٿو آهي پوءِ (ڏسو ڪهڙيءَ طرح) انهيءَ جي ذريعي اسان هر هڪ شيءِ جو اوبڙ ڄمايو آهي ۽ انهيءَ جي ذريعي پوک پيدا ڪئي آهي جنهن مان اسان ته به ته داڻا ڪيونٽا ۽ کجيءَ مان يعني انهيءَ جي ڇيڙي مان جهڪيل ڦر (ڪيون) ٿا ۽ انگورن ۽ زيتون ۽ ڏاڙهونءَ جا اهڙا باغ (ڪيون ٿا) جن مان ڪي پاڻ ۾ هڪ جهڙا آهن ۽ (ڪي) مختلف آهن. جڏهين (انهن مان هر قسم جي وڻ کي) ڦر لڳي ٿو ته انهيءَ جي ڦر کي ۽ انهيءَ جي پچڻ (جي ڪيفيت) کي ڏسو. انهيءَ ۾ ايمان آڻڻ وارن ماڻهن جيلاءِ يقينن (ڪيترائي) نشان آهن.

وَجَعَلُوا لِلَّهِ شُرَكَاءَ الْجِنَّ وَخَلَقَهُمْ ۖ وَخَرَقُوا لَهُ بَنِينَ وَبَنَاتٍ بِغَيْرِ عِلْمٍ ۚ سُبْحَانَهُ وَتَعَالَىٰ عَمَّا يَصِفُونَ ﴿١٠١﴾

١٠١- ۽ انهن الله سان جنن مان شريڪ مقرر ڪيا آهن حالانڪ انهيءَ (خدا) انهن کي پيدا ڪيو آهي ۽ انهن انهيءَ جي لاءِ ڪوڙي نموني، بغير علم جي پٽ ۽ نياڻيون بنايون آهن اهو پاڪ آهي ۽ جيڪي ڪجهه اهي بيان ڪن ٿا انهيءَ کان (بلند ۽) بالا آهي.

بَدِيعُ السَّمَاوَاتِ وَالْأَرْضِ ۖ أَنَّىٰ يَكُونُ لَهُ وَلَدٌ وَلَمْ تَكُنْ لَهُ صَاحِبَةٌ ۖ وَخَلَقَ كُلَّ شَيْءٍ ۖ وَهُوَ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيمٌ ﴿١٠٢﴾

١٠٢- (هو) آسمانن ۽ زمين کي بنان نموني جي پيدا ڪرڻ وارو آهي. انهيءَ جو پٽ ڪيئن ٿي سگهي ٿو حالانڪ انهيءَ جي ڪابه زال نه هئي ۽ انهيءَ (ته) هر هڪ

شيءِ کي پيدا ڪيو آهي ۽ اهو هر هڪ ڳالهہ کي ڄاڻي ٿو.

ذٰلِكُمُ اللّٰهُ رَبُّكُمْ ۚ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۚ خَالِقُ كُلِّ شَيْءٍ فَاعْبُدُوْهُ ۚ وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ وَّكِيْلٌ ﴿۱۰۲﴾

۱۰۳۔ اهو آهي توهانجو الله جيڪو توهانجو رب (بہ) آهي. هن کانسواءِ ڪوبہ معبود نہ آهي هو هر هڪ شيءِ جي پيدا ڪرڻ وارو آهي پوءِ انهيءَ جي عبادت ڪيو ۽ اهو هر هڪ شيءِ تي نگران آهي.

لَا تُدْرِكُهُ الْاَبْصَارُ ۡ وَهُوَ يُدْرِكُ الْاَبْصَارَ ۚ وَهُوَ اللَّطِيْفُ الْخَبِيْرُ ﴿۱۰۳﴾

۱۰۴۔ نظرون انهيءَ تائين نٿيون پهچي سگهن پر اهو نظرن تائين پهچي ٿو ۽ اهو مهرباني ڪرڻ وارو (۽) حقيقت تي آگاهہ آهي.

قَدْ جَآءَكُمْ بَصَآئِرُ مِنْ رَّبِّكُمْ ۚ فَمَنْ اَبْصَرَ فَلِنَفْسِهٖ ۚ وَمَنْ عَمِيَ فَعَلَيْهَا ۚ وَمَآ اَنَا عَلَيْكُمْ بِحَفِيْظٍ ﴿۱۰۴﴾

۱۰۵۔ توهانجي رب جي طرفان دليل اچي چڪا آهن. پوءِ جنهن (انهنکي) سمجهي ورتو (انهيءَ جو هيءَ فعل) انهيءَ جي پنهنجي (فائدي جي) لاءِ هوندو ۽ جنهن غلط واٽ (اختيار) ڪئي (انهيءَ جو اهو فعل) انهيءَ تي پوندو ۽ مان تہ توهانجو محافظ نہ آهيان.

وَكَذٰلِكَ نُصَرِّفُ الْاٰيٰتِ وَلِيَقُوْلُوْا دَرَسْتَ وَلِنُبَيِّنَهٗ لِقَوْمٍ يَّعْلَمُوْنَ ﴿۱۰۵﴾

۱۰۶۔ ۽ اهڙيءَ طرح اسان آيتن کي ڪيترن نمونن سان وري وري آڻيون ٿا (انهيءَ لاءِ تہ انهن تي حجت قائم ٿئي) ۽ انهيءَ لاءِ تہ اهي (هيءَ) چون تہ تو پڙهي (پڙهايو) آهي (حجت پوري ڪري ڇڏي آهي) ۽ انهيءَ لاءِ تہ اسان انهيءَ کي علم واري قوم (جي فائدي) جي لاءِ بيان ڪيون.

اِتَّبِعْ مَآ اُوْحِيَ اِلَيْكَ مِنْ رَّبِّكَ ۚ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۚ وَاَعْرِضْ عَنِ الْمُشْرِكِيْنَ ﴿۱۰۶﴾

۱۰۷۔ جيڪي (ڪجهہ) تنهن جي رب جي طرفان توتي نازل ڪيو وڃي ٿو انهيءَ جي پيروي ڪر انهيءَ کان سواءِ (ٻيو) ڪوبہ معبود نہ آهي ۽ تون مشرڪن کان منهن ڦيرائي ڇڏ.

وَلَوْ شَآءَ اللّٰهُ مَآ اَشْرَكُوْا ۗ وَمَا جَعَلْنٰكَ عَلَيْهِمْ

۱۰۸۔ ۽ جيڪڏهين الله چاهي ها تہ اهي

حَفِيظًا ۚ وَمَآ اَنْتَ عَلَيْهِمْ بِوَكِيْلٍ ﴿١٠٨﴾

شرڪ نه ڪن ها ۽ اسان توکي انهن تي محافظ مقرر نه ڪيو آهي ۽ نه تون انهن تي نگران آهين.

وَلَا تَسُبُّوا الَّذِيْنَ يَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ فَيَسُبُّوا اللّٰهَ عَدْوًاۢ بِغَيْرِ عِلْمٍ ۗ كَذٰلِكَ زَيَّنَّا لِكُلِّ اُمَّةٍ عَمَلَهُمْ ۪ ثُمَّ اِلٰى رَبِّهِمْ مَّرْجِعُهُمْ فَيُنَبِّئُهُمْ بِمَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿١٠٩﴾

١٠٩- ۽ تون انهنکي جنکي اهي الله کانسواءِ (دعائن ۾) پڪارين ٿا گاريون نه ڏي نه ته اهي دشمن ٿي جهالت جي ڪري الله کي گاريون ڏيندا. اهڙيءَ طرح اسان هرهڪ قوم جيلاءِ انهيءَ جا عمل خوبصورت ڪري ڏيکاريا آهن پوءِ انهنکي پنهنجي رب ڏانهن موٽي وڃڻو آهي جنهن تي اهو انهن کي انهيءَ جي خبر ڏيندو جيڪي اهي ڪندا هئا.

وَاَقْسَمُوْا بِاللّٰهِ جَهْدَ اَيْمَانِهِمْ لَئِنْ جَآءَتْهُمْ اٰيَةٌ لَّيُؤْمِنُنَّ بِهَا ۚ قُلْ اِنَّمَا الْاٰيٰتُ عِنْدَ اللّٰهِ وَمَا يُشْعِرُكُمْ ۙ اَنَّهَآ اِذَا جَآءَتْ لَا يُؤْمِنُوْنَ ﴿١١٠﴾

١١٠- ۽ انهن الله جا پڪا قسم کنيا آهن ته جيڪڏهين انهن وٽ ڪو نشان اچي ته اهي انهيءَ کي ضرور قبول ڪندا تون (مومنن کي) چؤ ته نشان (به) ۽ اها شيءِ به جيڪا توهانکي ٻڌائي ڇڏيندي ته جڏهين به اهي (نشان) اچي وڃن ته اهي (ماڻهو) ايمان (پوءِ به) نه آڻيندا، الله وٽ ئي آهي.

وَنُقَلِّبُ اَفْـِٕدَتَهُمْ وَاَبْصَارَهُمْ كَمَا لَمْ يُؤْمِنُوْا بِهٖٓ اَوَّلَ مَرَّةٍ وَّنَذَرُهُمْ فِيْ طُغْيَانِهِمْ يَعْمَهُوْنَ ﴿١١١﴾ ع ١٣ ١٩

١١١- ۽ اسان انهن جي دلين ۽ انهن جي اکين کي انهيءَ سبب جي ڪري ته اهي انهيءَ (وحيءَ) تي پهريون دفعو ايمان نه آندو ڦيرائي ڇڏينداسين ۽ انهنکي انهن جي سرڪشين ۾ ڀٽڪندي ڇڏي ڏينداسين.

وَلَوْ اَنَّنَا نَزَّلْنَآ اِلَيْهِمُ الْمَلٰٓئِكَةَ وَكَلَّمَهُمُ الْمَوْتٰى ربع وَحَشَرْنَا عَلَيْهِمْ كُلَّ شَيْءٍ قُبُلًا مَّا كَانُوْا لِيُؤْمِنُوْٓا اِلَّآ اَنْ يَّشَآءَ اللّٰهُ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَهُمْ يَجْهَلُوْنَ ﴿١١٢﴾

١١٢- ۽ جيڪڏهين اسان انهن تي فرشتا نازل ڪيون ها ۽ مئل انهن سان ڳالهائين ها ۽ هر هڪ شيءِ کي اسان انهن جي آمهون سامهون بيهاري ڇڏيون ها تڏهين به اهي الله جي گهر کان سواءِ ايمان نه آڻين ها. پر انهن مان گهڻا جاهل آهن.

وَكَذٰلِكَ جَعَلْنَا لِكُلِّ نَبِيٍّ عَدُوًّا شَيٰطِيْنَ الْاِنْسِ وَ

١١٣- ۽ اسان انسانن ۽ جنن مان سرڪشن

الْجِنِّ يُوحِي بَعْضُهُمْ إِلَىٰ بَعْضٍ زُخْرُفَ الْقَوْلِ غُرُورًا ۚ وَلَوْ شَاءَ رَبُّكَ مَا فَعَلُوهُ ۖ فَذَرْهُمْ وَمَا يَفْتَرُونَ ﴿١١٢﴾

ڪي اھڙي طرح ھر ھڪ نبي جو دشمن بنائي ڇڏيو ھو انھن مان ڪي ڪن کي ڏوکي ڏيڻ جي لاءِ (انھن جي دل ۾) برا خيال وجھن ٿا جيڪا فقط ملمع جي ڳالھہ ھوندي آھي ۽ جيڪڏھين تنھن جو رب چاھي ھا تہ اھي ائين نہ ڪن ھا. پوءِ تون انھن کي بہ ۽ انھنجي ڪوڙ کي بہ نظر انداز ڪري ڇڏ.

وَلِتَصْغَىٰ إِلَيْهِ أَفْئِدَةُ الَّذِينَ لَا يُؤْمِنُونَ بِالْآخِرَةِ وَلِيَرْضَوْهُ وَلِيَقْتَرِفُوا مَا هُمْ مُقْتَرِفُونَ ﴿١١٣﴾

١١٤. ۽ (خدا تعاليٰ اھو انھيءَ ڪري گھريو آھي) تہ قيامت تي ايمان نہ آڻڻ وارن جون دليون (پنھنجي عملن جي نتيجي ۾) اھڙين ئي ڳالھين ڏانھن جھڪن ۽ انھيءَ لاءِ تہ انھيءَ (يعني ڪوڙ) کي پسند ڪرڻ لڳن ۽ انھيءَ لاءِ تہ اھي پنھنجن عملن جو نتيجو ڏسن.

أَفَغَيْرَ اللَّهِ أَبْتَغِي حَكَمًا وَهُوَ الَّذِي أَنْزَلَ إِلَيْكُمُ الْكِتَابَ مُفَصَّلًا ۚ وَالَّذِينَ آتَيْنَاهُمُ الْكِتَابَ يَعْلَمُونَ أَنَّهُ مُنَزَّلٌ مِنْ رَبِّكَ بِالْحَقِّ ۖ فَلَا تَكُونَنَّ مِنَ الْمُمْتَرِينَ ﴿١١٤﴾

١١٥. (تون چؤ تہ) ڇا الله کان سواءِ مان ڪو ٻيو فيصلي ڪرڻ وارو ڳوليان؟ حالانڪ انھيءَ توھانتي ظاھر ظھور ڪتاب نازل ڪيو آھي ۽ جنڪي اسان ڪتاب ڏنو آھي اھي ڄاڻن ٿا تہ اھو سچائي سان تنھنجي رب جي طرفان نازل ڪيو ويو آھي - پوءِ تون جھڳڙي ڪرڻ وارن مان نہ بڻج.

وَتَمَّتْ كَلِمَتُ رَبِّكَ صِدْقًا وَعَدْلًا ۚ لَا مُبَدِّلَ لِكَلِمَاتِهِ ۚ وَهُوَ السَّمِيعُ الْعَلِيمُ ﴿١١٥﴾

١١٦. ۽ تنھنجي رب جي ڳالھہ (تہ) حق ۽ انصاف سان پوري ٿي رھندي (ڇو جو) انھيءَ جي ڳالھين کي ڪوبہ بدلائڻ وارو ڪونھي ۽ ھو ڏاڍو ٻڌڻ وارو (۽) ڏاڍو ڄاڻڻ وارو آھي.

وَإِنْ تُطِعْ أَكْثَرَ مَنْ فِي الْأَرْضِ يُضِلُّوكَ عَنْ سَبِيلِ اللَّهِ ۚ إِنْ يَتَّبِعُونَ إِلَّا الظَّنَّ وَإِنْ هُمْ إِلَّا يَخْرُصُونَ ﴿١١٦﴾

١١٧. ۽ جيڪڏھين تون زمين ۾ رھڻ وارن مان اڪثريت جي ڳالھہ جي پيروي ڪرين تہ اھي توکي الله جي راھہ کان گمراھہ ڪري ڇڏيندا اھي صرف گمان جي پيروي ڪن ٿا ۽

صرف انڪل سان ڳالهيون ڪن ٿا.

إِنَّ رَبَّكَ هُوَ أَعْلَمُ مَنْ يَضِلُّ عَنْ سَبِيلِهِ ۖ وَهُوَ أَعْلَمُ بِالْمُهْتَدِينَ ﴿١١٨﴾

١١٨. تنهن جو رب ني يقينن انهيءَ کي جيڪو انهيءَ جي رستي تان ڀٽڪي وڃي ٿو بهتر ڄاڻي ٿو ۽ اهو ئي هدايت يافتن کي بهتر ڄاڻي ٿو.

فَكُلُوا مِمَّا ذُكِرَ اسْمُ اللَّهِ عَلَيْهِ إِنْ كُنْتُمْ بِآيَاتِهِ مُؤْمِنِينَ ﴿١١٩﴾

١١٩. پوءِ جيڪڏهين توهان انهيءَ جي نشانين تي ايمان آڻيو ٿا تہ جنهن تي الله جو نالو ورتو ويو آهي انهيءَ مان کائو.

وَمَا لَكُمْ أَلَّا تَأْكُلُوا مِمَّا ذُكِرَ اسْمُ اللَّهِ عَلَيْهِ وَقَدْ فَصَّلَ لَكُمْ مَا حَرَّمَ عَلَيْكُمْ إِلَّا مَا اضْطُرِرْتُمْ إِلَيْهِ ۗ وَإِنَّ كَثِيرًا لَيُضِلُّونَ بِأَهْوَائِهِمْ بِغَيْرِ عِلْمٍ ۗ إِنَّ رَبَّكَ هُوَ أَعْلَمُ بِالْمُعْتَدِينَ ﴿١٢٠﴾

١٢٠. ۽ توهان کي ڇا (ٿي ويو) آهي جو توهان انهيءَ مان جنهن تي الله جو نالو ورتو ويو آهي باوجود انهيءَ جي نٿا کائو تہ انهيءَ (الله) توهانجي سامهون اهو سڀ ڪجهہ کولي بيان ڪري ڇڏيو آهي جيڪو انهيءَ توهان جيلاءِ حرام ڪيو آهي. سواءِ انهيءَ جي جو توهان مجبور ٿي وڃو ۽ گهڻا (ماڻهو) بغير ڪنهن سچي علم جي يقينن پنهنجي خواهشن جي مطابق (ماڻهن کي) گمراهہ ڪن ٿا. تنهن جو رب يقينن حد کان ٽپي وڃڻ وارن کي چڱيءَ طرح ڄاڻي ٿو.

وَذَرُوا ظَاهِرَ الْإِثْمِ وَبَاطِنَهُ ۚ إِنَّ الَّذِينَ يَكْسِبُونَ الْإِثْمَ سَيُجْزَوْنَ بِمَا كَانُوا يَقْتَرِفُونَ ﴿١٢١﴾

١٢١. ۽ گناهہ جي ظاهري شڪل ۽ انهيءَ جي حقيقت (ٻنهي) کان بچو. جيڪو ماڻهو گناهہ ڪمائين ٿا. انهنکي جيڪي ڪجهہ اهي ڪمائين ٿا يقينن انهيءَ جو بدلو ڏنو ويندو.

وَلَا تَأْكُلُوا مِمَّا لَمْ يُذْكَرِ اسْمُ اللَّهِ عَلَيْهِ وَإِنَّهُ لَفِسْقٌ ۗ وَإِنَّ الشَّيَاطِينَ لَيُوحُونَ إِلَىٰ أَوْلِيَائِهِمْ لِيُجَادِلُوكُمْ ۖ وَإِنْ أَطَعْتُمُوهُمْ إِنَّكُمْ لَمُشْرِكُونَ ﴿١٢٢﴾ ع ١٤

١٢٢. ۽ توهان انهيءَ مان جنهن تي الله جو نالو نہ ورتو ويو نہ کائو ۽ هيءَ (فعل) يقينن نافرماني آهي ۽ شيطان يقينن پنهنجي دوستن جي دل ۾ (اهڙا خيال) وجهندا رهن ٿا انهيءَ لاءِ تہ اهي توهان سان جهڳڙو ڪن, ۽ جيڪڏهين توهان انهن جي فرمانبرداري

وَمَنْ يُّرِدْ اَنْ يُّضِلَّهٗ يَجْعَلْ صَدْرَهٗ ضَيِّقًا حَرَجًا كَاَنَّمَا يَصَّعَّدُ فِي السَّمَآءِ ۭ كَذٰلِكَ يَجْعَلُ اللّٰهُ الرِّجْسَ عَلَى الَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ ﴿١٢٥﴾

ڇڏي ٿو. ۽ جنهنکي گمراهہ ڪرڻ جو ارادو ڪري وٺي ٿو انهيءَ جو سينو نهايت تنگ ڪري ڇڏي ٿو. ڄڻ تہ اهو بلندي ڏانهن چڙهي رهيو آهي (۽) اهڙيءَ طرح الله انهن ماڻهن تي جيڪي ايمان نٿا آڻين عذاب نازل ڪريٿو.

وَهٰذَا صِرَاطُ رَبِّكَ مُسْتَقِيْمًا ۭ قَدْ فَصَّلْنَا الْاٰيٰتِ لِقَوْمٍ يَّذَّكَّرُوْنَ ﴿١٢٦﴾

١٢٧- ۽ هي تنهن جي رب جو سڌو رستو آهي. اسان نشانن کي نصيحت حاصل ڪرڻ وارن ماڻهن جي لاءِ کولي بيان ڪري چڪا آهيون.

لَهُمْ دَارُ السَّلٰمِ عِنْدَ رَبِّهِمْ وَهُوَ وَلِيُّهُمْ بِمَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿١٢٧﴾

١٢٨- انهنجي لاءِ انهن جي رب جي حضور ۾ سلامتيءَ جو گهر (تيار) آهي ۽ جيڪي ڪجهہ اهي ڪن ٿا انهيءَ جي سبب جي ڪري هو انهنجو مددگار آهي.

وَيَوْمَ يَحْشُرُهُمْ جَمِيْعًا ۚ يٰمَعْشَرَ الْجِنِّ قَدِ اسْتَكْثَرْتُمْ مِّنَ الْاِنْسِ ۚ وَقَالَ اَوْلِيٰۗؤُهُمْ مِّنَ الْاِنْسِ رَبَّنَا اسْتَمْتَعَ بَعْضُنَا بِبَعْضٍ وَّبَلَغْنَآ اَجَلَنَا الَّذِيْٓ اَجَّلْتَ لَنَا ۭ قَالَ النَّارُ مَثْوٰىكُمْ خٰلِدِيْنَ فِيْهَآ اِلَّا مَا شَاۗءَ اللّٰهُ ۭ اِنَّ رَبَّكَ حَكِيْمٌ عَلِيْمٌ ﴿١٢٨﴾

١٢٩- ۽ انهيءَ ڏينهن (کي ياد ڪيو) جڏهين اهو انهن سڀني کي گڏ ڪندو (پوءِ چوندو) اي جنن جي جماعت! توهان انسانن مان گهڻن کي (پاڻ سان ملائي) ڇڏيو هو ۽ انهن جا انسان مددگار چوندا تہ اي اسانجا رب! اسان مان ڪن ڪن کان فائدو حاصل ڪيو آهي ۽ اسان پنهنجي انهيءَ مدت کي پهچي ويا آهيون جيڪا تون اسان جي لاءِ مقرر ڪئي هئي. اهو فرمائيندو باهہ توهانجو ٺڪاڻو آهي انهيءَ ۾ توهان هڪ ڊگهي عرصي تائين رهندو سواءِ انهيءَ جي جو خدا جي مرضي ڪجهہ ٻيو چاهي. تنهنجو رب يقينن حڪمت وارو (۽) ڏاڍو ڄاڻڻ وارو آهي.

وَكَذٰلِكَ نُوَلِّيْ بَعْضَ الظّٰلِمِيْنَ بَعْضًاۢ بِمَا كَانُوْا يَكْسِبُوْنَ ﴿١٢٩﴾ ع ١٥ ٢

١٣٠- ۽ اهڙيءَ طرح اسان ڪن ظالمن کي ڪن جو انهيءَ ڪم جي سببان جيڪو اهي ڪن ٿا دوست بنائي ڇڏيون ٿا.

(سواريءَ جي لاءِ) حرام ڪيون ويئون آهن ڪجهہ جانور اهڙا آهن جو اهي انهن تي الله جو نالو نٿا وٺن (هيءَ انهن جو قول ۽ فعل) انهيءَ (الله) تي ڪوڙي ناحق ناهڻ تي (هوندو) آهي، هو انهن کي ان ڪوڙ جي سببان جيڪو اهي ناهين ٿا، ضرور سزا ڏيندو.

وَقَالُوا مَا فِي بُطُونِ هَٰذِهِ الْأَنْعَامِ خَالِصَةٌ لِّذُكُورِنَا
وَمُحَرَّمٌ عَلَىٰ أَزْوَاجِنَا ۖ وَإِن يَكُن مَّيْتَةً فَهُمْ فِيهِ
شُرَكَاءُ ۚ سَيَجْزِيهِمْ وَصْفَهُمْ ۚ إِنَّهُ حَكِيمٌ عَلِيمٌ ﴿١٤٠﴾

١٤٠- ۽ اهي چون ٿا تہ جيڪي ڪجهہ انهن جانورن جي پيٽ ۾ آهي اهو خاص طرح اساڃي مردن جي لاءِ آهي ۽ اساڃين زالن تي حرام ڪيو ويو آهي. ها جيڪڏهين اهو مردهہ هجي تہ اهي (سڀئي) انهيءَ ۾ شريڪ آهن. اهو ضرور انهن جي ڳالهہ جي انهنڪي سزا ڏيندو ـ ياد رکو تہ اهو حڪمت وارو (۽) ڏاڍو ڄاڻڻ وارو آهي.

قَدْ خَسِرَ الَّذِينَ قَتَلُوا أَوْلَادَهُمْ سَفَهًا بِغَيْرِ عِلْمٍ
وَحَرَّمُوا مَا رَزَقَهُمُ اللَّهُ افْتِرَاءً عَلَى اللَّهِ ۚ قَدْ ضَلُّوا
وَمَا كَانُوا مُهْتَدِينَ ﴿١٤١﴾

١٤١- اهي ماڻهون جن پنهنجي اولاد کي بي وقوفيءَ سان بغير علم جي قتل ڪري ڇڏيو آهي ۽ جيڪي ڪجهہ الله انهنکي ڏنو هو انهيءَ کي الله تي ڪوڙ ٻڌندي (پاڻ تي) حرام ڪري ڇڏيو آهي. اهي نقصان حاصل ڪرڻ وارا ٿي ويا آهن ۽ گمراهہ ٿي ويا آهن ۽ اهي هدايت حاصل ڪرڻ وارن مان نہ (بنيا).

وَهُوَ الَّذِي أَنشَأَ جَنَّاتٍ مَّعْرُوشَاتٍ وَغَيْرَ مَعْرُوشَاتٍ
وَالنَّخْلَ وَالزَّرْعَ مُخْتَلِفًا أُكُلُهُ وَالزَّيْتُونَ وَالرُّمَّانَ
مُتَشَابِهًا وَغَيْرَ مُتَشَابِهٍ ۚ كُلُوا مِن ثَمَرِهِ إِذَا أَثْمَرَ
وَآتُوا حَقَّهُ يَوْمَ حَصَادِهِ ۖ وَلَا تُسْرِفُوا ۚ إِنَّهُ لَا يُحِبُّ
الْمُسْرِفِينَ ﴿١٤٢﴾

١٤٢- اهو (خدا) ئي آهي جنهن ڪاٺين جي سهاري بيهڻ وارن باغن ۽ بغير سهاري بيهڻ وارن باغن ۽ کجين ۽ پوکن جن جا مزا مختلف آهن ۽ زيتون ۽ ڏاڙهن کي اهڙيءَ صورت ۾ جو اهي (پاڻ ۾) هڪ جهڙا (بہ) آهن ۽ (ڪن صورتن ۾) نہ (بہ) پيدا ڪيو آهي توهان جڏهين انهن وٽن ۾ ڦر لڳي تہ

انهن جو ڦر کائو ۽ انهن جي ڪٽائي جي ڏينهن انهيءَ (خدا) جوحق ادا ڪيو ۽ اسراف ڪان ڪم نہ وٺو ڇو جو هو اسراف ڪان ڪم وٺڻ وارن کي پسند نٿو ڪري.

وَمِنَ الْاَنْعَامِ حَمُوْلَةً وَّفَرْشًا ۭ كُلُوْا مِمَّا رَزَقَكُمُ اللّٰهُ وَلَا تَتَّبِعُوْا خُطُوٰتِ الشَّيْطٰنِ ۭ اِنَّهٗ لَكُمْ عَدُوٌّ مُّبِيْنٌ ۙ﴿١٤٢﴾

١٤٣. ۽ چوپاين مان لاڏو جانور بہ آهن ۽ ننڍا بہ آهن. الله جيڪي ڪجهہ توهان کي ڏنو آهي توهان انهيءَ مان کائو ۽ شيطان جي قدم بقدم نہ هلو. اهو يقينن توهان جو ظاهر (ظهور) دشمن آهي.

ثَمٰنِيَةَ اَزْوَاجٍ ۚ مِنَ الضَّاْنِ اثْنَيْنِ وَمِنَ الْمَعْزِ اثْنَيْنِ ۭ قُلْ ءٰۗالذَّكَرَيْنِ حَرَّمَ اَمِ الْاُنْثَيَيْنِ اَمَّا اشْتَمَلَتْ عَلَيْهِ اَرْحَامُ الْاُنْثَيَيْنِ ۭ نَبِّـــُٔوْنِيْ بِعِلْمٍ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿١٤٣﴾

١٤٤. (انهيءَ) اٺن جوڙن کي (پيدا ڪيو آهي) دنبن مان ٻن کي، ۽ ٻڪرن مان ٻن کي، تون انهن کي چؤ تہ ڇا انهيءَ ٻن نرن کي حرام ڪيو آهي يا ٻن مادين کي، يا مادين جي رحمن جنهن شئي کي بہ (پنهنجي اندر) ويڙهيو آهي (انهيءَ کي حرام ڪيو آهي) جيڪڏهين توهان سچا آهيو تہ مونکي ڪنهن علم جي بناءِ تي (هي ڳالهہ) ٻڌايو.

وَمِنَ الْاِبِلِ اثْنَيْنِ وَمِنَ الْبَقَرِ اثْنَيْنِ ۭ قُلْ ءٰۗالذَّكَرَيْنِ حَرَّمَ اَمِ الْاُنْثَيَيْنِ اَمَّا اشْتَمَلَتْ عَلَيْهِ اَرْحَامُ الْاُنْثَيَيْنِ ۭ اَمْ كُنْتُمْ شُهَدَاۗءَ اِذْ وَصّٰىكُمُ اللّٰهُ بِھٰذَا ۚ فَمَنْ اَظْلَمُ مِمَّنِ افْتَرٰى عَلَي اللّٰهِ كَذِبًا لِّيُضِلَّ النَّاسَ بِغَيْرِ عِلْمٍ ۭ اِنَّ اللّٰهَ لَا يَهْدِي الْقَوْمَ الظّٰلِمِيْنَ ﴿١٤٤﴾ ع

١٤٥. ۽ (انهيءَ) اٺن مان ٻن کي ۽ ڳئن مان ٻن کي (پيدا ڪيو آهي) تون انهن کي چؤ تہ ڇا انهيءَ ٻنهي نرن کي حرام ڪيو آهي يا ٻنهي مادين کي يا مادين جي رحمن جنهن شئي کي بہ (پنهنجي اندر) ويڙهيو آهي (چؤ) ڇا توهان انهيءَ وقت جڏهين توهانکي الله انهيءَ (امر) جو حڪم ڏنو هو موجود هئا (جيڪڏهين نہ تہ) پوءِ انهيءَ کان وڌيڪ ظالم ڪير ٿي سگهي ٿو جيڪو ڄاڻي ٻجهي الله تي انهيءَ ڪري ڪوڙ ٻڌي تہ ماڻهن کي بغير علم جي گمراهہ ڪري ڇڏي. الله ظالم ماڻهن کي يقينن راهہ نٿو ڏيکاري.

قُلْ لَّآ اَجِدُ فِيْ مَآ اُوْحِيَ اِلَيَّ مُحَرَّمًا عَلٰى طَاعِمٍ

١٤٦. تون انهن کي چؤ تہ جيڪي ڪجهہ

يَّطْعَمُهٗٓ اِلَّآ اَنْ يَّكُوْنَ مَيْتَةً اَوْ دَمًا مَّسْفُوْحًا اَوْ لَحْمَ خِنْزِيْرٍ فَاِنَّهٗ رِجْسٌ اَوْ فِسْقًا اُهِلَّ لِغَيْرِ اللّٰهِ بِهٖ ۚ فَمَنِ اضْطُرَّ غَيْرَ بَاغٍ وَّلَا عَادٍ فَاِنَّ رَبَّكَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿١٤٥﴾

مون ڏانهن نازل ڪيو ويو آهي مان تہ انهيءَ مان انهيءَ شخص تي جيڪو ڪنهن شيء ڪي کائڻ چاهي سواءِ مردهہ يا وهندڙ رت يا سور جي گوشت کان ڪا شيء حرام نٿو ڏسان.(سئور جو گوشت) انهيءَ ڪري جو اهو نجس آهي يا فسق ڪي (حرام سمجهانٿو) يعني انهيءَ شيءِ ڪي جنهن تي خدا کان سواءِ ڪنهن ٻي شيءِ جو نالو ورتو ويو هجي. ليڪن جو شخص (انهيءَ جي کائڻ تي) مجبور ٿي وڃي. سواءِ انهيءَ جو اهو (شريعت جو) مقابلو ڪرڻ وارو هجي. يا حد کان نڪرڻ وارو هجي تہ (اهو ياد رکي تہ) تنهنجو رب يقينن ڏاڍو بخشڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي.

وَعَلَى الَّذِيْنَ هَادُوْا حَرَّمْنَا كُلَّ ذِيْ ظُفُرٍ ۚ وَمِنَ الْبَقَرِ وَالْغَنَمِ حَرَّمْنَا عَلَيْهِمْ شُحُوْمَهُمَآ اِلَّا مَا حَمَلَتْ ظُهُوْرُهُمَآ اَوِ الْحَوَايَآ اَوْ مَا اخْتَلَطَ بِعَظْمٍ ۗ ذٰلِكَ جَزَيْنٰهُمْ بِبَغْيِهِمْ ۖ وَاِنَّا لَصٰدِقُوْنَ ﴿١٤٦﴾

١٤٧- ۽ جيڪي ماڻهو يهودي آهن اسان انهن تي هر هڪ ننهن وارو جانور حرام ڪري ڇڏيو هو ۽ ڳئون (ڏاند) ۽ رڍ (ٻڪري) مان اسان انهن تي انهن ٻنهي جون چربيون سواءِ انهيءَ (چربيءَ) جي جيڪا انهن جي پٺيءَ يا آنڊن تي هجي يا جيڪا هڏيءَ سان گڏيل هجي، حرام ڪري ڇڏي هئي، هيءَ اسان انهنکي انهن جي نافرمانيءَ جي سببان سزا ڏني هئي ۽ اسان يقينن سچا آهيون.

فَاِنْ كَذَّبُوْكَ فَقُلْ رَّبُّكُمْ ذُوْ رَحْمَةٍ وَّاسِعَةٍ ۚ وَلَا يُرَدُّ بَاْسُهٗ عَنِ الْقَوْمِ الْمُجْرِمِيْنَ ﴿١٤٧﴾

١٤٨- پوءِ جيڪڏهين اهي توکي ڪوڙو ڪن تہ تون (انهنکي) چؤ تہ توهانجو رب وسيع رحمت وارو آهي ۽ انهيءَ جو عذاب مجرم ماڻهن کان هٽائي نٿو سگهجي.

سَيَقُوْلُ الَّذِيْنَ اَشْرَكُوْا لَوْ شَآءَ اللّٰهُ مَآ اَشْرَكْنَا وَلَآ اٰبَآؤُنَا وَلَا حَرَّمْنَا مِنْ شَيْءٍ ۚ كَذٰلِكَ كَذَّبَ الَّذِيْنَ

١٤٩- جن شرڪ ڪيو آهي ضرور چوندا تہ جيڪڏهين الله چاهي ها تہ نہ اسان (۽) نہ اسانجا ابا ڏاڏا (ڪڏهين) شرڪ ڪن ها ۽ نہ

مِنْ قَبْلِهِمْ حَتّٰى ذَاقُوْا بَاْسَنَا ۗ قُلْ هَلْ عِنْدَكُمْ
مِّنْ عِلْمٍ فَتُخْرِجُوْهُ لَنَا ۗ اِنْ تَتَّبِعُوْنَ اِلَّا الظَّنَّ وَ
اِنْ اَنْتُمْ اِلَّا تَخْرُصُوْنَ ﴿١٤٨﴾

ڪنهن شيء کي حرام ڪن ها جيڪي انهن کان ٻهرين (ڳذريا) آهن انهن (بہ) اهڙيءَ طرح (اسانجي وحيءَ کي) انهيءَ وقت تائين جو انهن اسان جي عذاب کي چکي نہ ورتو، ڪوڙو ڪيو هو - تون انهنکي کي چؤ تہ ڇا توهان وٽ ڪو اهڙو علم آهي جو توهان انهيءَ کي اسانجي خاموش ڪرڻ جي لاء پيش ڪري سگهو - توهان گمان کان سواء ڪنهن بہ شيء جي پيروي نٿا ڪيو ۽ توهان صرف انڪل سان ڳالهيون ڪيون ٿا.

قُلْ فَلِلّٰهِ الْحُجَّةُ الْبَالِغَةُ ۚ فَلَوْ شَاۤءَ لَهَدٰىكُمْ
اَجْمَعِيْنَ ﴿١٤٩﴾

١٥٠- تون چؤ (توهانجون بي عقليءَ جون ڳالهيون بڌائين ٿيون) تہ اثر ڪرڻ وارو دليل الله جي ئي قبضي ۾ آهي، ۽ جيڪڏهين اهو چاهي ها تہ توهان سڀني کي هدايت ڏيئي ڇڏي ها.

قُلْ هَلُمَّ شُهَدَاۤءَكُمُ الَّذِيْنَ يَشْهَدُوْنَ اَنَّ اللّٰهَ
حَرَّمَ هٰذَا ۚ فَاِنْ شَهِدُوْا فَلَا تَشْهَدْ مَعَهُمْ ۚ وَلَا
تَتَّبِعْ اَهْوَاۤءَ الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا وَالَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ
بِالْاٰخِرَةِ وَهُمْ بِرَبِّهِمْ يَعْدِلُوْنَ ﴿١٥٠﴾ ع ١٨ ٦ ٥

١٥١- تون (انهنکي) چؤ پنهنجن انهن شاهدن کي سڏيو جيڪي هيءَ شاهدي ڏين تہ الله انهيءَ (يعني فلاڻي فلاڻي) شيء کي حرام ڪيو آهي پوء جيڪڏهين اهي اهڙي شاهدي ڏين تہ انهن سان (شامل ٿي ڪري) تون شاهدي نہ ڏي ۽ انهن ماڻهن جي خواهشن جي پيروي نہ ڪر جيڪي اسانجي آيتن کي ڪوڙو ڪري چڪا آهن ۽ جيڪي ماڻهو پوء اچڻ وارين (ڳالهين) تي ايمان نٿا آڻين ۽ اهي پنهنجي رب جا شريڪ (بہ) بڻائين ٿا.

قُلْ تَعَالَوْا اَتْلُ مَا حَرَّمَ رَبُّكُمْ عَلَيْكُمْ اَلَّا تُشْرِكُوْا
بِهٖ شَيْـًٔا وَّبِالْوَالِدَيْنِ اِحْسَانًا ۚ وَلَا تَقْتُلُوْٓا اَوْلَادَكُمْ
مِّنْ اِمْلَاقٍ ۗ نَحْنُ نَرْزُقُكُمْ وَاِيَّاهُمْ ۚ وَلَا تَقْرَبُوا
الْفَوَاحِشَ مَا ظَهَرَ مِنْهَا وَمَا بَطَنَ ۚ وَلَا تَقْتُلُوا

١٥٢- تون (انهنکي) چؤ تہ اچو جيڪي توهانجي رب توهانتي حرام ڪيو آهي مان توهان کي پڙهي ٻڌايان (انهيءَ جو حڪم آهي) تہ توهان انهن سان ڪنهن شيء کي شريڪ نہ ڪيو، ۽ والدين سان احسان ڪيو

النَّفْسَ الَّتِي حَرَّمَ اللّٰهُ إِلَّا بِالْحَقِّ ۚ ذٰلِكُمْ وَصّٰكُمْ بِهِ لَعَلَّكُمْ تَعْقِلُونَ ﴿١٥١﴾

۽ مفلس ٿي وڃڻ جي ڊپ کان پنهنجي اولاد کي قتل نہ ڪيو اسان توهانکي بہ رزق ڏيون ٿا ۽ انهنکي بہ ۽ بدينءَ جي (بلڪل) ويجهو نہ وڃو. نہ انهن مان ظاهر (بدين) جي نہ لڪل (بدين) جي ۽ هيءَ تہ انهيءَ نفس کي جنهنکي (قتل ڪرڻ) الله منع فرمايو آهي (شريعت يا قانون جي) اجازت جي بغير قتل نہ ڪيو. الله انهيءَ ڳالهہ جو توهانتي تاڪيدي حڪم ڏئي ٿو انهيءَ لاءِ تہ توهان (بدين کان) باز اچو.

وَلَا تَقْرَبُوا مَالَ الْيَتِيمِ إِلَّا بِالَّتِي هِيَ أَحْسَنُ حَتّٰى يَبْلُغَ أَشُدَّهُ ۚ وَأَوْفُوا الْكَيْلَ وَالْمِيزَانَ بِالْقِسْطِ ۚ لَا نُكَلِّفُ نَفْسًا إِلَّا وُسْعَهَا ۚ وَإِذَا قُلْتُمْ فَاعْدِلُوا وَلَوْ كَانَ ذَا قُرْبٰى ۚ وَبِعَهْدِ اللّٰهِ أَوْفُوا ۚ ذٰلِكُمْ وَصّٰكُمْ بِهِ لَعَلَّكُمْ تَذَكَّرُونَ ﴿١٥٢﴾

١٥٣- ۽ (هيءَ حڪم ڏيئي ٿو تہ) توهان يتيم جي مال جو ويجهو انهيءَ جي جوانيءَ کي پهچڻ تائين بي احتياطيءَ سان نہ وڃو. ۽ انصاف سان ماپ ۽ تور پوري (پوري) ڏيو. اسان ڪنهن بہ شخص کي انهيءَ جي طاقت کان وڌ حڪم نٿا ڏيون. ۽ (هيءَ تہ) جڏهين توهان ڪا (ڳالهہ) چئو تہ ڪٿي اهو شخص (جنهن جي متعلق ڳالهہ چئي وئي هجي) ويجهو هجي،انصاف کان ڪم وٺو ۽ الله جي عهد کي (بہ) پورو ڪيو اهو هن (ڳالهہ) جو توهان کي انهيءَ ڪري تاڪيد ڪري ٿو تہ توهان کي نصيحت حاصل ٿئي.

وَأَنَّ هٰذَا صِرَاطِي مُسْتَقِيمًا فَاتَّبِعُوهُ ۖ وَلَا تَتَّبِعُوا السُّبُلَ فَتَفَرَّقَ بِكُمْ عَنْ سَبِيلِهِ ۚ ذٰلِكُمْ وَصّٰكُمْ بِهِ لَعَلَّكُمْ تَتَّقُونَ ﴿١٥٣﴾

١٥٤- ۽ هي يقينن منهنجو سڌو رستو آهي. پوءِ انهيءَ جي پيروي ڪيو ۽ مختلف رستن جي پٺيان نہ پئو.نہ تہ اهي توهان کي انهيءَ (خدا) جي رستي کان هيڏاهن هوڏانهن وٺي ويندا هو انهيءَ (ڳالهہ) جي توهانکي انهيءَ ڪري تاڪيد ڪريٿو تہ توهان متقي ٿي وڃو.

ثُمَّ اٰتَيْنَا مُوْسَى الْكِتٰبَ تَمَامًا عَلَى الَّذِيْٓ اَحْسَنَ وَ تَفْصِيْلًا لِّكُلِّ شَيْءٍ وَّ هُدًى وَّرَحْمَةً لَّعَلَّهُمْ بِلِقَآءِ رَبِّهِمْ يُؤْمِنُوْنَ ﴿١٥٤﴾ ع ١٩ ٦

١٥٥. ۽ جنهن نيڪيءَ کي اختيار ڪيو آهي انهيءَ تي (نعمت کي) پوري ڪرڻ ۽ هر هڪ امر جي وضاحت ڪرڻ جي لاءِ ۽ هدايت ڏيڻ ۽ رحم ڪرڻ جي غرض سان اسان موسيٰ کي ڪتاب ڏنو هو انهيءَ لاءِ ته اهو پنهنجي رب جي ملاقات تي ايمان آڻي.

وَهٰذَا كِتٰبٌ اَنْزَلْنٰهُ مُبٰرَكٌ فَاتَّبِعُوْهُ وَاتَّقُوْا لَعَلَّكُمْ تُرْحَمُوْنَ ﴿١٥٥﴾

١٥٦. ۽ هيءُ (قرآن) اهڙو ڪتاب آهي جنهنکي اسان نازل ڪيو آهي (۽ هيءُ) برڪت وارو آهي پوءِ هن جي پيروي ڪيو ۽ تقويٰ اختيار ڪيو انهيءَ لاءِ ته توهانتي رحم ڪيو وڃي.

اَنْ تَقُوْلُوْٓا اِنَّمَآ اُنْزِلَ الْكِتٰبُ عَلٰى طَآئِفَتَيْنِ مِنْ قَبْلِنَا ۖ وَاِنْ كُنَّا عَنْ دِرَاسَتِهِمْ لَغٰفِلِيْنَ ﴿١٥٦﴾

١٥٧. (ته ائين نه ٿئي) ته توهان (ڪنهن ڏينهن هي) چئو ته اسان کان پهرين صرف ٻن جماعتن تي ڪتاب نازل ڪيو ويو هو ۽ اسان انهن (جي ڪتابن) جي پڙهڻ کان بلڪل غافل هواسين.

اَوْ تَقُوْلُوْا لَوْ اَنَّآ اُنْزِلَ عَلَيْنَا الْكِتٰبُ لَكُنَّآ اَهْدٰى مِنْهُمْ ۚ فَقَدْ جَآءَكُمْ بَيِّنَةٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ وَهُدًى وَّرَحْمَةٌ ۚ فَمَنْ اَظْلَمُ مِمَّنْ كَذَّبَ بِاٰيٰتِ اللّٰهِ وَصَدَفَ عَنْهَا ۗ سَنَجْزِي الَّذِيْنَ يَصْدِفُوْنَ عَنْ اٰيٰتِنَا سُوْٓءَ الْعَذَابِ بِمَا كَانُوْا يَصْدِفُوْنَ ﴿١٥٧﴾

١٥٨. يا (ائين نه) چئو ته جيڪڏهين اسانتي ڪتاب نازل ڪيو وڃي ها ته اسان يقينن انهن کان وڌيڪ هدايت حاصل ڪيون ها. سو توهان جي رب جي طرفان توهان وٽ لکيل دليل ۽ هدايت ۽ رحمت اچي ويئي آهي. پوءِ (ياد رکو ته) جنهن الله جي آيتن کي ڪوڙو ڪيو ۽ انهن (تي ايمان آڻڻ) کان رکيو رهيو, انهيءَ کان وڌيڪ ظالم ڪير ٿيندو. اسان ضرور انهن کي جيڪي اسانجن آيتن (تي ايمان آڻڻ) کان رکجن ٿا انهن جي رڪجڻ سببان تڪليف ڏيندڙ عذاب جي سزا ڏينداسين.

هَلْ يَنْظُرُوْنَ اِلَّآ اَنْ تَاْتِيَهُمُ الْمَلٰٓئِكَةُ اَوْ يَاْتِيَ

١٥٩. اهي صرف انهيءَ امر جو انتظار ڪري رهيا آهن ته انهن وٽ فرشتا اچن يا تنهن جو

رَبُّكَ اَوْ يَاْتِيَ بَعْضُ اٰيٰتِ رَبِّكَ ۗ يَوْمَ يَاْتِيْ بَعْضُ اٰيٰتِ رَبِّكَ لَا يَنْفَعُ نَفْسًا اِيْمَانُهَا لَمْ تَكُنْ اٰمَنَتْ مِنْ قَبْلُ اَوْ كَسَبَتْ فِيْۤ اِيْمَانِهَا خَيْرًا ۗ قُلِ انْتَظِرُوْۤا اِنَّا مُنْتَظِرُوْنَ ﴿۱۵۸﴾

رب اچي يا تنهنجي رب جا ڪي نشان اچن. جنهن ڏينهن تنهنجي رب جا ڪي نشان ظاهر ٿيندا (انهيءَ ڏينهن) ڪنهن نفس کي جيڪو انهيءَ کان پهرين ايمان نہ آڻي چڪو هوندو يا پنهن جي ايمان جي سببان خير نہ حاصل ڪري چڪو هوندو انهيءَ جو ايمان آڻڻ نفعو نہ ڏيندو تون چؤ تہ توهان انتظار ڪيو، اسان بہ يقينن انتظار ڪري رهيا آهيون.

اِنَّ الَّذِيْنَ فَرَّقُوْا دِيْنَهُمْ وَكَانُوْا شِيَعًا لَّسْتَ مِنْهُمْ فِيْ شَيْءٍ ۭ اِنَّمَاۤ اَمْرُهُمْ اِلَى اللّٰهِ ثُمَّ يُنَبِّئُهُمْ بِمَا كَانُوْا يَفْعَلُوْنَ ﴿۱۶۰﴾

١٦٠۔ جن ماڻهن پنهن جي دين کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيو ۽ ٽولا ٽولا ٿي ويا آهن تنهن جو انهن سان ڪوبہ تعلق نہ آهي. انهن جو معاملو تہ صرف الله جي هٿ ۾ آهي پوءِ جيڪي ڪجهہ اهي ڪندا هئا هو انهيءَ جي انهن کي خبر ڏيندو.

مَنْ جَآءَ بِالْحَسَنَةِ فَلَهٗ عَشْرُ اَمْثَالِهَا ۚ وَمَنْ جَآءَ بِالسَّيِّئَةِ فَلَا يُجْزٰٓى اِلَّا مِثْلَهَا وَهُمْ لَا يُظْلَمُوْنَ ﴿۱۶۱﴾

١٦١۔ جن نيڪي ڪئي آهي، انهيءَ (نيڪي) کان ڏهوڻو انهن جو حق هوندو ۽ جن بدي ڪئي آهي انهن کي صرف ايتري ئي سزا ڏني ويندي ۽ انهن تي ظلم نہ ڪيو ويندو.

قُلْ اِنَّنِيْ هَدٰىنِيْ رَبِّيْۤ اِلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ ۚ دِيْنًا قِيَمًا مِّلَّةَ اِبْرٰهِيْمَ حَنِيْفًا ۚ وَمَا كَانَ مِنَ الْمُشْرِكِيْنَ ﴿۱۶۲﴾

١٦٢۔ تون (انهنکي) چؤ تہ مونکي منهن جي رب يقينن سڌي رستي ڏانهن رهنمائي ڪئي آهي اهڙي دين جي طرف جيڪو بغير ڪنهن ڏنگ جي آهي. يعني ابراهيم جي دين ڏانهن جيڪو سچائيءَ تي قائم هو ۽ مشرڪن مان نہ هو.

قُلْ اِنَّ صَلَاتِيْ وَنُسُكِيْ وَمَحْيَايَ وَمَمَاتِيْ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ۙ ﴿۱۶۳﴾

١٦٣۔ تون (انهنکي) چؤ تہ منهنجي نماز ۽ منهنجي قرباني ۽ منهن جي زندگي ۽ منهن جو موت الله جي لاءِ ئي آهن جيڪو سڀني جهانن جو رب آهي.

لَا شَرِيْكَ لَهٗ ۚ وَبِذٰلِكَ اُمِرْتُ وَاَنَا اَوَّلُ الْمُسْلِمِيْنَ ﴿١٦٣﴾

١٦٤. (۽) انهيءَ جو ڪوبه شريڪ ڪونهي ۽ مونکي هن (ڳالهه) جو حڪم ڏنو ويو آهي ۽ مان سڀني کان پهريون فرمانبردار آهيان.

قُلْ اَغَيْرَ اللّٰهِ اَبْغِيْ رَبًّا وَّهُوَ رَبُّ كُلِّ شَيْءٍ ۭ وَلَا تَكْسِبُ كُلُّ نَفْسٍ اِلَّا عَلَيْهَا ۚ وَلَا تَزِرُ وَازِرَةٌ وِّزْرَ اُخْرٰى ۚ ثُمَّ اِلٰى رَبِّكُمْ مَّرْجِعُكُمْ فَيُنَبِّئُكُمْ بِمَا كُنْتُمْ فِيْهِ تَخْتَلِفُوْنَ ﴿١٦٤﴾

١٦٥. تون چئو ته ڇا مان الله کان سواءِ (ڪنهن ٻئي کي) رب جي حيثيت ۾ طلب ڪيان حالانڪ اهو هر هڪ شيءِ جي پرورش ڪرڻ وارو آهي ۽ هر هڪ نفس جيڪي ڪجهه ڪمائيندو انهيءَ جو (وبال) انهيءَ تي پوندو ۽ ڪابه بار کڻڻ واري (هستي) ٻي (هستيءَ) جو بار نٿي کڻي سگهي. پوءِ پنهنجي رب ڏانهن ئي توهانجو موٽڻ ٿيندو. پوءِ هو توهانکي انهيءَ ڳالهه جي جنهن ۾ توهان اختلاف ڪندا هئا خبر ڏيندو.

وَهُوَ الَّذِيْ جَعَلَكُمْ خَلٰۗىِٕفَ الْاَرْضِ وَرَفَعَ بَعْضَكُمْ فَوْقَ بَعْضٍ دَرَجٰتٍ لِّيَبْلُوَكُمْ فِيْ مَآ اٰتٰىكُمْ ۭ اِنَّ رَبَّكَ سَرِيْعُ الْعِقَابِ ڮ وَاِنَّهٗ لَغَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿١٦٥﴾ ع ٢٠ نصف

١٦٦. ۽ اهوئي آهي جنهن توهانکي دنيا ۾ (پهرين جو) قائم مقام بنايو آهي ۽ توهان مان ڪن کي ڪن تي درجن ۾ انهيءَ ڪري فوقيت ڏني آهي ته انهيءَ جيڪي ڪجهه توهانکي ڏنو آهي، انهيءَ ۾ توهانجي آزمائش ڪري. تنهنجي رب جي سزا يقينن جلد اچي وڃي ٿي ۽ اهو يقينن ڏاڍو بخشڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي.

# سُوْرَةُ الْاَعْرَافِ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ مَعَ الْبَسْمَلَةِ مِائَتَانِ وَسَبْعُ اٰيٰتٍ وَّاَرْبَعَةٌ وَّعِشْرُوْنَ رُكُوْعًا

هي سورت مكي آهي ۽ بسم الله سميت هن جون ٻه سئو ست آيتون ۽
چوويهه رڪوع آهن.

---

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ①

١. (مان) الله جو نالو وٺي جيڪو بيحد
ڪرم ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ
وارو آهي (پڙهانٿو)

الٓمّٓصٓ ②

٢. مان الله سڀني کان وڌيڪ ڄاڻڻ وارو ۽
صادق آهيان.

كِتٰبٌ اُنْزِلَ اِلَيْكَ فَلَا يَكُنْ فِيْ صَدْرِكَ حَرَجٌ مِّنْهُ
لِتُنْذِرَ بِهٖ وَذِكْرٰى لِلْمُؤْمِنِيْنَ ③

٣. (هيءُ قرآن) هڪ عظيم الشان ڪتاب
(آهي جيڪو) توتي نازل ڪيو ويو آهي (تو
خود نه بڻايو آهي) پوءِ تنهنجي سيني ۾
انهيءَ جي سبباڻ ڪابه تنگي پيدا نه ٿئي
(انهيءَ جي نازل ڪرڻ جو سبب اهو آهي
ته) تون انهيءَ جي ذريعي سان (مخاطبين
کي اچڻ واري عذاب کان) هوشيار ڪرين ۽
هي (ڪتاب) مومنن جي لاءِ هڪ ياد ڏياريندڙ
آهي.

اِتَّبِعُوْا مَآ اُنْزِلَ اِلَيْكُمْ مِّنْ رَّبِّكُمْ وَلَا تَتَّبِعُوْا مِنْ دُوْنِهٖٓ
اَوْلِيَآءَ ۭ قَلِيْلًا مَّا تَذَكَّرُوْنَ ④

٤. (اسان انهن ماڻهن کي چئونٿا ته)
(جيڪو ڪلام) توهان ڏانهن توهانجي رب
جي طرفان نازل ڪيو ويو آهي انهيءَ جي
تابعداري ڪيو. ۽ انهيءَ (خدا) کانسواءِ
جيڪي توهانجي خيال ۾ ٻيا ڪارساز آهن
انهنجي تابعداري نه ڪيو پر توهان بلڪل
نصيحت حاصل نٿا ڪيو.

وَكَمْ مِّنْ قَرْيَةٍ اَهْلَكْنٰهَا فَجَآءَهَا بَاْسُنَا بَيَاتًا اَوْهُمْ
قَآئِلُوْنَ ⑤

٥. ۽ ڪيترين ئي بستيون اهڙيون آهن جن
کي اسان تباهه ڪري ڇڏيو (جنهن جو
تفصيل هيءَ آهي ته) انهن وٽ اسانجو

عذاب رات جو سمهڻ وقت يا (ٻن پهرن جو) آرام ڪندي آيو.

فَمَا كَانَ دَعْوٰىهُمْ اِذْ جَآءَهُمْ بَاْسُنَآ اِلَّآ اَنْ قَالُوْٓا اِنَّا كُنَّا ظٰلِمِيْنَ ۝٦

٦ـ سو انهيءَ وقت جڏهين انهن وٽ اسان جو عذاب آيو. انهن جي زبان تي صرف هي جملو هو تہ اسان يقينن ظالم هواسون.

فَلَنَسْـَٔلَنَّ الَّذِيْنَ اُرْسِلَ اِلَيْهِمْ وَلَنَسْـَٔلَنَّ الْمُرْسَلِيْنَ ۝٧

٧ـ پوءِ اسان انهن ماڻهن کان (بہ) ضرور پڇنداسين جن ڏانهن رسول موڪليا ويا هئا ۽ اسان رسولن کان بہ ضرور پڇنداسين.

فَلَنَقُصَّنَّ عَلَيْهِمْ بِعِلْمٍ وَّمَا كُنَّا غَآئِبِيْنَ ۝٨

٨ـ پوءِ اسان ضرور انهنجي اڳيان پنهنجي علم جي مطابق حقيقت بيان ڪنداسين ۽ اسان ڪڏهين بہ انهن ماڻهن کان غائب نہ ٿياسين (هميشه انهن جا حالات ڏسندا هئاسين).

وَالْوَزْنُ يَوْمَئِذِ ﹰالْحَقُّ ۚ فَمَنْ ثَقُلَتْ مَوَازِيْنُهٗ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ ۝٩

٩ـ ۽ هن (يعني قيامت جي ڏينهن) سڀني عملن جو وزن ڪرڻ هڪ ثابت ٿيل حقيقت آهي جن جا وزن ڀاري ٿيا اهي ماڻهون بامراد (ماڻهن ۾ شامل) هوندا.

وَمَنْ خَفَّتْ مَوَازِيْنُهٗ فَاُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ خَسِرُوْٓا اَنْفُسَهُمْ بِمَا كَانُوْا بِاٰيٰتِنَا يَظْلِمُوْنَ ۝١٠

١٠ـ ۽ جن جا وزن هلڪا ٿيا تہ (سمجهو تہ) اهڙا ماڻهون پنهنجي جانين جي معاملي ۾ نقصان حاصل ڪرڻ وارا آهن (۽ انهن پنهنجي جانين کي گهاٽي ۾ وڌو آهي) هيءَ انهيءَ ڪري ٿيو آهي جو اهي اسانجي آيتن (جي معاملي ۾) ظلم کان ڪم وٺندا هئا .

وَلَقَدْ مَكَّنّٰكُمْ فِى الْاَرْضِ وَجَعَلْنَا لَكُمْ فِيْهَا مَعَايِشَ ۭ قَلِيْلًا مَّا تَشْكُرُوْنَ ۝١١ ع ١ ٨

١١ـ ۽ اسان ضرور توهانکي زمين ۾ طاقت بخشي هئي ۽ انهيءَ ۾ توهانجي لاءِ (قسم قسم جي) گذران جو سامان مقرر ڪيو هو پر توهان شڪر بلڪل ٿورو ڪيو.

وَلَقَدْ خَلَقْنٰكُمْ ثُمَّ صَوَّرْنٰكُمْ ثُمَّ قُلْنَا لِلْمَلٰٓئِكَةِ اسْجُدُوْا لِاٰدَمَ ڰ فَسَجَدُوْٓا اِلَّآ اِبْلِيْسَ ۭ لَمْ يَكُنْ

١٢ـ ۽ اسان توهان کي پهرين مبهم شڪل ۾ پيدا ڪيو هو جنهن کانپوءِ توهانکي (توهان جي مناسب حال) صورتون بخشيون هيون پوءِ

مِنْهُمْ لَاَمْلَئَنَّ جَهَنَّمَ مِنْكُمْ اَجْمَعِيْنَ ﴿١٩﴾

هميشه مذمت ڪئي ويندي ۽ تون الاهي دربار کان تڙيل رهندين. جيڪي (بہ) انهن (انسانن) مان تنهنجي پيروي ڪندا (مان انهنکي چوان ٿو تہ) توهان سيني سان مان جهنم کي ڀريندس.

وَيٰٓاٰدَمُ اسْكُنْ اَنْتَ وَزَوْجُكَ الْجَنَّةَ فَكُلَا مِنْ حَيْثُ
شِئْتُمَا وَلَا تَقْرَبَا هٰذِهِ الشَّجَرَةَ فَتَكُوْنَا مِنَ
الظّٰلِمِيْنَ ﴿٢٠﴾

٢٠- ۽ اي آدم ! (مان توکي چوانٿو تہ) تون ۽ تنهنجو ساٿي جنت ۾ رهو پوءِ توهان جتان وڻيو کائو (۽ پيو) ۽ هن (منع ڪيل) وڻ جي ويجهو نہ وڃجو نہ تہ توهان ظالم ٿي ويندؤ.

فَوَسْوَسَ لَهُمَا الشَّيْطٰنُ لِيُبْدِيَ لَهُمَا مَا وٗرِيَ
عَنْهُمَا مِنْ سَوْاٰتِهِمَا وَقَالَ مَا نَهٰىكُمَا رَبُّكُمَا عَنْ
هٰذِهِ الشَّجَرَةِ اِلَّآ اَنْ تَكُوْنَا مَلَكَيْنِ اَوْ تَكُوْنَا مِنَ
الْخٰلِدِيْنَ ﴿٢١﴾

٢١- ان تي شيطان انهن (ٻنهي يعني آدم ۽ انهيءَ جي ساٿيءَ جي دل) ۾ وسوسو وڌو انهيءَ لاءِ تہ جيڪي ڪجهہ انهن جي ننگ مان انهن تي لڪايو ويو هو انهيءَ کي ظاهر ڪري ۽ چيائين هن وڻ کان توهانجي رب توهانکي صرف انهيءَ ڪري منع ڪئي آهي تہ ڪٿي توهان ٻئي فرشتا نہ بنجي وڃو يا توهين ٻئي هميشه جي زندگي نہ حاصل ڪري وٺو.

وَقَاسَمَهُمَآ اِنِّيْ لَكُمَا لَمِنَ النّٰصِحِيْنَ ﴿٢٢﴾

٢٢- ۽ (شيطان) انهن سان قسم کائي چيو تہ مان توهان ٻنهي جو خير خواهہ آهيان.

فَدَلّٰىهُمَا بِغُرُوْرٍ فَلَمَّا ذَاقَا الشَّجَرَةَ بَدَتْ لَهُمَا
سَوْاٰتُهُمَا وَطَفِقَا يَخْصِفٰنِ عَلَيْهِمَا مِنْ وَّرَقِ
الْجَنَّةِ وَنَادٰىهُمَا رَبُّهُمَآ اَلَمْ اَنْهَكُمَا عَنْ تِلْكُمَا
الشَّجَرَةِ وَاَقُلْ لَّكُمَآ اِنَّ الشَّيْطٰنَ لَكُمَا عَدُوٌّ
مُّبِيْنٌ ﴿٢٣﴾

٢٣- پوءِانهن ٻنهي کي دوکو ڏيئي ٻنهنجي مقام کان هٽائي ڇڏيو. پوءِ جڏهن انهن ٻنهي انهيءَ (منع ڪيل) وڻ مان (ڪجهہ) چکي ورتو تہ انهن جي اوگهڙ انهن تي ظاهر ٿي ويئي ۽ اهي جنت جي زينت جي سامان کي پنهنجي مٿان چمبڙائڻ لڳا ۽ انهن ٻنهي کي انهن جي رب سڏايو (۽ چيو) ڇا مون توهان ٻنهي کي هن وڻ کان منع نہ ڪئي هئي ۽ اهو نہ چيو هوم تہ شيطان توهان ٻنهي جو

ظاهر ظهور دشمن آهي.

قَالَا رَبَّنَا ظَلَمْنَآ اَنْفُسَنَا ۫ وَاِنْ لَّمْ تَغْفِرْ لَنَا وَتَرْحَمْنَا لَنَكُوْنَنَّ مِنَ الْخٰسِرِيْنَ ﴿۲۳﴾

۲۴. انهن ٻنهي چيو، اي اسانجا رب ! اسان ٻنهي جي جانين تي ظلم ڪيو ۽ جيڪڏهن تون اسانکي نه بخشيندين ۽ اسان تي رحم نه ڪندين ته اسان نقصان حاصل ڪرڻ وارن مان ٿي ويندا سين.

قَالَ اهْبِطُوْا بَعْضُكُمْ لِبَعْضٍ عَدُوٌّ ۚ وَلَكُمْ فِى الْاَرْضِ مُسْتَقَرٌّ وَّمَتَاعٌ اِلٰى حِيْنٍ ﴿۲۴﴾

۲۵. (تڏهين الله) فرمايو - توهان سڀئي هتان هليا وڃو. توهان مان ڪي ڪن جا دشمن ٿيندا ۽ توهان جي لاءِ هن ئي زمين ۾ ٺڪاڻو هوندو ۽ ڪجهه مدت تائين فائدو حاصل ڪرڻ (مقدر) هوندو.

قَالَ فِيْهَا تَحْيَوْنَ وَفِيْهَا تَمُوْتُوْنَ وَمِنْهَا تُخْرَجُوْنَ ﴿۲۵﴾ ع

ع ۹

۲۶. (پوءِ) فرمايائين هن زمين ۾ توهان زندهه رهندؤ ۽ انهيءَ ۾ توهان مرندؤ ۽ انهيءَ مان توهان ڪڍيا ويندؤ.

يٰبَنِيْٓ اٰدَمَ قَدْ اَنْزَلْنَا عَلَيْكُمْ لِبَاسًا يُّوَارِيْ سَوْاٰتِكُمْ وَرِيْشًا ۭ وَلِبَاسُ التَّقْوٰى ۙ ذٰلِكَ خَيْرٌ ۭ ذٰلِكَ مِنْ اٰيٰتِ اللّٰهِ لَعَلَّهُمْ يَذَّكَّرُوْنَ ﴿۲۶﴾

۲۷. اي آدم جي اولاد ! اسان توهان جي لاءِ هڪ اهڙو لباس پيدا ڪيو آهي جيڪو توهانجي لڪائڻ وارن جڳهين کي لڪائيندو ۽ زينت (جو موجب به) آهي ۽ تقويٰ جو لباس (ته) سڀ کان بهتر لباس آهي. هي (لباس جو حڪم) الله جي حڪمن مان آهي انهيءَ لاءِ ته توهان نصيحت حاصل ڪيو.

يٰبَنِيْٓ اٰدَمَ لَا يَفْتِنَنَّكُمُ الشَّيْطٰنُ كَمَآ اَخْرَجَ اَبَوَيْكُمْ مِّنَ الْجَنَّةِ يَنْزِعُ عَنْهُمَا لِبَاسَهُمَا لِيُرِيَهُمَا سَوْاٰتِهِمَا ۭ اِنَّهٗ يَرٰىكُمْ هُوَ وَقَبِيْلُهٗ مِنْ حَيْثُ لَا تَرَوْنَهُمْ ۭ اِنَّا جَعَلْنَا الشَّيٰطِيْنَ اَوْلِيَاۗءَ لِلَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ ﴿۲۷﴾

۲۸. اي آدم جا پٽو! شيطان توهان کي (الله جي راهه کان) برغلائي نه ڇڏي جهڙيءَ طرح انهيءَ توهانجي والدين کي جنت مان ڪڍيو هو، انهن ٻنهي کان انهن جو لباس انهيءَ ڦري ورتو هو انهيءَ لاءِ ته انهن تي انهن جي لڪائڻ واريون شيون ظاهر ڪري ڇڏي. اهو ۽ انهيءَ جو قبيلو توهانکي اتان ڏسن ٿا جتان توهان انهن کي نٿا ڏسو اسان شيطانن کي ڪافرن جو دوست بڻايو آهي.

وَإِذَا فَعَلُوا فَاحِشَةً قَالُوا وَجَدْنَا عَلَيْهَا آبَاءَنَا
وَاللَّهُ أَمَرَنَا بِهَا ۗ قُلْ إِنَّ اللَّهَ لَا يَأْمُرُ بِالْفَحْشَاءِ ۖ
أَتَقُولُونَ عَلَى اللَّهِ مَا لَا تَعْلَمُونَ ﴿٢٩﴾

٢٩. ۽ جڏهين اهي (ڪافر) ڪو برو ڪم ڪن ٿا تہ چون ٿا اسان پنهنجن ابن ڏاڏن کي انهيءَ تي ڏٺو هو ۽ الله انهيءَ جو حڪم اسانکي ڏنو آهي. تون چؤ الله ڪڏهين بہ برين ڳالهين جو حڪم نٿو ڏئي. ڇا توهان الله جي متعلق اهي ڳالهيون ڪوڙ ڪري چئو ٿا جيڪي توهان ڄاڻو نٿا.

قُلْ أَمَرَ رَبِّي بِالْقِسْطِ ۖ وَأَقِيمُوا وُجُوهَكُمْ عِنْدَ كُلِّ
مَسْجِدٍ وَادْعُوهُ مُخْلِصِينَ لَهُ الدِّينَ ۚ كَمَا بَدَأَكُمْ
تَعُودُونَ ﴿٣٠﴾

٣٠. تون چؤ منهنجي رب مونکي انصاف جو حڪم ڏنو آهي ۽ هيءَ تہ هر مسجد وٽ پنهن جو ڌيان درست ڪندا ڪيو ۽ الله جي عبادت کي خالص انهيءَ جو حق قرار ڏيندي انهيءَ کي پڪاريو. جهڙيءَ طرح انهيءَ توهانکي شروع ڪيو هو وري هڪ ڏينهن توهان انهيءَ حالت جي طرف موٽندؤ.

فَرِيقًا هَدَىٰ وَفَرِيقًا حَقَّ عَلَيْهِمُ الضَّلَالَةُ ۗ إِنَّهُمُ
اتَّخَذُوا الشَّيَاطِينَ أَوْلِيَاءَ مِنْ دُونِ اللَّهِ وَيَحْسَبُونَ
أَنَّهُمْ مُهْتَدُونَ ﴿٣١﴾

٣١. هڪڙيءَ ڌرکي انهيءَ هدايت ڏني پر هڪ بي ڌر آهي جنهن تي گمراهي واجب ٿي وئي آهي (يعني اها گمراهي جي مستحق ٿي آهي) انهن الله کي ڇڏي شيطانن کي پنهنجو دوست بنايو آهي ۽ اهي خيال ڪن ٿا تہ اهي هدايت پائي ويا آهن.

يَا بَنِي آدَمَ خُذُوا زِينَتَكُمْ عِنْدَ كُلِّ مَسْجِدٍ وَكُلُوا
وَاشْرَبُوا وَلَا تُسْرِفُوا ۚ إِنَّهُ لَا يُحِبُّ الْمُسْرِفِينَ ﴿٣٢﴾ ع ٣

٣٢. اي آدم جا پٽو ! هر مسجد جي ويجهو زينت (جو سامان) اختيار ڪندا ڪيو ۽ کائو ۽ پيو ۽ اسراف نہ ڪيو. ڇو جو اهو (الله) اسراف ڪرڻ وارن کي پسند نٿو ڪري.

قُلْ مَنْ حَرَّمَ زِينَةَ اللَّهِ الَّتِي أَخْرَجَ لِعِبَادِهِ وَالطَّيِّبَاتِ
مِنَ الرِّزْقِ ۚ قُلْ هِيَ لِلَّذِينَ آمَنُوا فِي الْحَيَاةِ الدُّنْيَا
خَالِصَةً يَوْمَ الْقِيَامَةِ ۗ كَذَٰلِكَ نُفَصِّلُ الْآيَاتِ لِقَوْمٍ
يَعْلَمُونَ ﴿٣٣﴾

٣٣. تون چؤ تہ الله جي انهيءَ زينت کي جنهنکي انهيءَ پنهنجي ٻندن لاءِ ڪڍيو آهي ڪنهن حرام ڪيو آهي ؟ اهڙيءَ طرح پاڪ شين کي بہ رزق مان (ڪنهن حرام ڪيو آهي) تون چؤ تہ هي تہ (اصل ۾) هن دنيا ۾ (بہ) مومنن جي لاءِ آهن ۽ قيامت جي

بِاٰيٰتِهٖ ؕ اُولٰٓئِكَ يَنَالُهُمْ نَصِيْبُهُمْ مِّنَ الْكِتٰبِ ؕ حَتّٰٓى
اِذَا جَآءَتْهُمْ رُسُلُنَا يَتَوَفَّوْنَهُمْ ۙ قَالُوْٓا اَيْنَ مَا كُنْتُمْ
تَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ ؕ قَالُوْا ضَلُّوْا عَنَّا وَشَهِدُوْا
عَلٰٓى اَنْفُسِهِمْ اَنَّهُمْ كَانُوْا كٰفِرِيْنَ ۞۳۸

ظالم ٿي سگھيٺو جيڪو الله تي ڪوڙ (هٿئي ڪري) افترا ڪندو هجي يا جنهن الله جي آيتن کي ڪوڙو ڪيو هجي، انهن ماڻهن کي مقرر ڪيل سزا مان پنهنجو حصو پهچندو رهندو ايستائين جو جڏهين انهن وٽ اسانجا فرشتا انهنجي جانين ڪڍڻ لاءِ اچي ويندا تہ اهي چوندا تہ اهي (شريڪ) ڪٿي آهن جنکي توهان الله کان سواءِ پڪاريندا هئا. انهيءَ وقت اهي ماڻهو جواب ڏيندا تہ اهي تہ اسان کان غائب ٿي ويا ۽ اهي پنهنجي پاڻ تي خود شاهدي ڏيندا تہ اهي منڪرن ۾ شامل هئا.

قَالَ ادْخُلُوْا فِيْٓ اُمَمٍ قَدْ خَلَتْ مِنْ قَبْلِكُمْ مِّنَ الْجِنِّ
وَالْاِنْسِ فِي النَّارِ ؕ كُلَّمَا دَخَلَتْ اُمَّةٌ لَّعَنَتْ اُخْتَهَا ؕ
حَتّٰٓى اِذَا ادَّارَكُوْا فِيْهَا جَمِيْعًا ۙ قَالَتْ اُخْرٰىهُمْ لِاُوْلٰىهُمْ
رَبَّنَا هٰٓؤُلَآءِ اَضَلُّوْنَا فَاٰتِهِمْ عَذَابًا ضِعْفًا مِّنَ النَّارِ ؕ
قَالَ لِكُلٍّ ضِعْفٌ وَّلٰكِنْ لَّا تَعْلَمُوْنَ ۞۳۹

۳۹. (تڏهين الله انهنکي) چوندو-وڃو وڃي باهہ ۾ انهن امتن سان شامل ٿي وڃو جيڪي توهان کان پهرئين جنن ۽ انسانن مان گذري چڪيون آهن جڏهن ڪا قوم (باهہ ۾) داخل ٿيندي تہ (پاڻ کان پهرين) پيڻ (يعني قوم) تي لعنت ڪندي ايستائين جو جڏهن سڀ (باهہ) ۾ داخل ٿي ويندا تہ انهن مان آخري (داخل ٿيڻ واري جماعت) پاڻ کان پهرئين واري متعلق چوندي اي اسان جا رب! انهن ماڻهن اسان کي گمراهہ ڪيو پوءِ تون انهن کي دوزخ ۾ گھڻا دفعا وڌيڪ عذاب ڏي (انهيءَ تي هو) فرمائيندو سڀني کي گھڻو عذا ملي رهيو آهي پر توهان نٿا ڄاڻو.

وَقَالَتْ اُوْلٰىهُمْ لِاُخْرٰىهُمْ فَمَا كَانَ لَكُمْ عَلَيْنَا مِنْ
فَضْلٍ فَذُوْقُوا الْعَذَابَ بِمَا كُنْتُمْ تَكْسِبُوْنَ ۞۴۰ ع ۴ / ۸

۴۰. ۽ (انهيءَ تي) انهن مان پهرين قوم پاڻ کان پوئين قوم کي چوندي،توهانکي اسان تي ڪابہ فضيلت نہ هئي (جو توهان کي گھٽ عذاب ڏنو وڃي) پوءِ توهان پنهنجي عملن جي سبب کان عذاب چکو.

إِنَّ الَّذِينَ كَذَّبُوا بِآيَاتِنَا وَاسْتَكْبَرُوا عَنْهَا لَا تُفَتَّحُ لَهُمْ أَبْوَابُ السَّمَاءِ وَلَا يَدْخُلُونَ الْجَنَّةَ حَتَّىٰ يَلِجَ الْجَمَلُ فِي سَمِّ الْخِيَاطِ ۚ وَكَذَٰلِكَ نَجْزِي الْمُجْرِمِينَ ﴿٤٠﴾

٤١۔ اهي ماڻهو جن اسانجي آيتن کي ڪوڙو ڪيو آهي ۽ تڪبر ڪري انهن کان منهن موڙيو آهي انهن لاءِ آسمان جا دروازه نہ کوليا ويندا ۽ اهي جنت ۾ داخل نہ ٿيندا ايستائين جو اُٺ سئيءَ جي ناڪي ۾ داخل ٿئي ۽ اسان مجرمن کي اهڙيءَ طرح جزا ڏيندا آهيون.

لَهُم مِّن جَهَنَّمَ مِهَادٌ وَمِن فَوْقِهِمْ غَوَاشٍ ۚ وَكَذَٰلِكَ نَجْزِي الظَّالِمِينَ ﴿٤١﴾

٤٢۔ (۽) انهن لاءِ هنڌ بہ جهنم ئي هوندو ۽ انهنجي مٿان ويڙهڻ جا پوش انهيءَ (جهنم) ئي مان هوندا ۽ اهڙيءَ طرح اسان ظالمن کي جزا ڏيندا آهيون.

وَالَّذِينَ آمَنُوا وَعَمِلُوا الصَّالِحَاتِ لَا نُكَلِّفُ نَفْسًا إِلَّا وُسْعَهَا أُولَٰئِكَ أَصْحَابُ الْجَنَّةِ ۖ هُمْ فِيهَا خَالِدُونَ ﴿٤٢﴾

٤٣۔ ۽ جن ماڻهن ايمان آندو ۽ جن نيڪ عمل ڪيا آهن (انهن کي ياد رکڻ گهرجي تہ) اسان ڪنهن جان تي انهيءَ جي طاقت کان وڌيڪ ذميداري نٿا وجهون. اهي (ماڻهو ) جنت ۾ (داخل ٿيڻ) وارا آهن (۽) انهيءَ ۾ هميشه رهندا ايندا.

وَنَزَعْنَا مَا فِي صُدُورِهِم مِّنْ غِلٍّ تَجْرِي مِن تَحْتِهِمُ الْأَنْهَارُ ۖ وَقَالُوا الْحَمْدُ لِلَّهِ الَّذِي هَدَانَا لِهَٰذَا وَمَا كُنَّا لِنَهْتَدِيَ لَوْلَا أَنْ هَدَانَا اللَّهُ ۖ لَقَدْ جَاءَتْ رُسُلُ رَبِّنَا بِالْحَقِّ ۖ وَنُودُوا أَن تِلْكُمُ الْجَنَّةُ أُورِثْتُمُوهَا بِمَا كُنتُمْ تَعْمَلُونَ ﴿٤٣﴾

٤٤۔ ۽ اسان انهن جنتين جي سيني مان (هڪ ٻئي جي متعلق) سڀ ڪدورت ڪڍي ڦٽي ڪنداسين ۽ نهرون انهن جي قبضي ۽ تصرف ۾ وهنديون هونديون ۽ اهي چوندا تہ سڀ تعريف جو الله ئي مستحق آهي جنهن اسان کي هن (بهشت) جو رستو ڏيکاريو ۽ جيڪڏهين الله اسان کي اهو رستو نہ ڏيکاري ها تہ اسان ڪڏهين بہ (انهيءَ جو) رستو حاصل ڪري نہ سگهون ها. اسانجي رب جا رسول يقينن سچ کڻي اسان وٽ آيا هئا ۽ انهنکي وڏي آواز سان چيو ويندو تہ هيءَ اها جنت آهي جنهنجو توهانکي توهانجي عملن جي سبب ڪري وارث ڪيو ويو آهي.

وَنَادٰٓى اَصْحٰبُ الْجَنَّةِ اَصْحٰبَ النَّارِ اَنْ قَدْ وَجَدْنَا
مَا وَعَدَنَا رَبُّنَا حَقًّا فَهَلْ وَجَدْتُّمْ مَّا وَعَدَ رَبُّكُمْ
حَقًّا ۭ قَالُوْا نَعَمْ ۚ فَاَذَّنَ مُؤَذِّنٌۢ بَيْنَهُمْ اَنْ لَّعْنَةُ اللّٰهِ
عَلَى الظّٰلِمِيْنَ ۙ﴿٤٥﴾

۴۵- ۽ جنتي ماڻهو دوزخين کي چوندا تہ اسان سان اسانجي رب جيڪو واعدو ڪيو هو تہ انهيءَ کي تہ اسان سچو لڌو. ڇا توهان بہ انهيءَ واعدي کي جيڪو توهانجي رب ڪيو هو سچو لڌو آهي. انهيءَ تي دوزخي چوندا هائو ! (هائو) پوءِ هڪ پڪارڻ وارو انهن جي وچ ۾ زور سان پڪاريندو تہ انهن ظالمن تي خدا جي لعنت هجي.

الَّذِيْنَ يَصُدُّوْنَ عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَيَبْغُوْنَهَا عِوَجًا ۚ
وَهُمْ بِالْاٰخِرَةِ كٰفِرُوْنَ ﴿٤٦﴾ نصف الحزب

۴٦- جيڪي الله جي رستي کان (ماڻهن کي) روڪيندا هئا ۽ انهيءَ رستي ۾ ڏنگ تلاش ڪندا هئا ۽ اهي انهيءَ سان ئي گڏ پوءِ اچڻ واري (زندگيءَ) جا منڪر هئا.

وَبَيْنَهُمَا حِجَابٌ ۚ وَعَلَى الْاَعْرَافِ رِجَالٌ يَّعْرِفُوْنَ كُلًّا ۢ
بِسِيْمٰىهُمْ ۚ وَنَادَوْا اَصْحٰبَ الْجَنَّةِ اَنْ سَلٰمٌ عَلَيْكُمْ ۣ
لَمْ يَدْخُلُوْهَا وَهُمْ يَطْمَعُوْنَ ﴿٤٧﴾

۴۷- ۽ انهن ٻنهي (يعني دوزخين ۽ جنتين) ۾ هڪ رڪاوٽ هوندي ۽ اعراف تي ڪجهہ ماڻهو هوندا جيڪي سڀني کي انهن جي چهرن جي نشانين مان سڃاڻندا هوندا ۽ اهي جنتين کي (ڏسي ڪري) پڪاريندا (۽ چوندا) توهانتي سلامتي هجي اهي (مخاطب جنتي عملن وارا) اڃا جنت ۾ داخل نہ ٿيا هوندا پر جنت ۾ وڃڻ جي توقع رکندا هوندا.

وَاِذَا صُرِفَتْ اَبْصَارُهُمْ تِلْقَاۗءَ اَصْحٰبِ النَّارِ ۙ قَالُوْا رَبَّنَا
لَا تَجْعَلْنَا مَعَ الْقَوْمِ الظّٰلِمِيْنَ ﴿٤٨﴾ ع ٥ ٨ ١٢

۴۸- ۽ جڏهين انهن (جنتين) جون نظرون دوزخين ڏانهن ڦيرايون ويندوين تہ اهي چوندا اي اسانجا رب ! اسانکي ظالم قوم مان نہ بنائجانءِ.

وَنَادٰٓى اَصْحٰبُ الْاَعْرَافِ رِجَالًا يَّعْرِفُوْنَهُمْ بِسِيْمٰىهُمْ
قَالُوْا مَآ اَغْنٰى عَنْكُمْ جَمْعُكُمْ وَمَا كُنْتُمْ تَسْتَكْبِرُوْنَ ﴿٤٩﴾

۴۹- ۽ اعراف وارا ماڻهو ڪجهہ (دوزخي) ماڻهن کي جنکي اهي انهن جي چهرن جي نشانن مان سڃاڻندا هئا چوندا تہ نہ توهانجي تعداد توهانکي ڪو فائدو پهچايو ۽ نہ ئي (توهان جي انهن دعوائن) جنجي بنياد تي توهان تڪبر ڪندا هئا.

أَهٰؤُلَاءِ الَّذِينَ أَقْسَمْتُمْ لَا يَنَالُهُمُ اللّٰهُ بِرَحْمَةٍ ۚ ادْخُلُوا الْجَنَّةَ لَا خَوْفٌ عَلَيْكُمْ وَلَا أَنْتُمْ تَحْزَنُونَ ﴿٥٠﴾

٥٠. (پوءِ جنتين جي طرف اشارو ڪري دوزخين کي چوندا تہ) ڇا هي اهي ماڻهو آهن جن جي متعلق توهان قسم کائي چوندا هئا تہ الله ڪڏهين بہ انهن سان رحمت جو معاملو نہ ڪندو. (پوءِ انهن جنتين ماڻهن کي جيڪي جنت ۾ داخل ٿيڻ جي انتظار ۾ بيٺا هوندا الله چوندو تہ) وڃو توهان جنت ۾ داخل ٿي وڃو نہ تہ توهان کي (آئنده جي متعلق) ڪوبہ خوف لاحق هوندو ۽ نہ توهان کي ماضيءَ جو ڪو واقعو ملول ڪندو.

وَنَادٰى أَصْحٰبُ النَّارِ أَصْحٰبَ الْجَنَّةِ أَنْ أَفِيضُوا عَلَيْنَا مِنَ الْمَاءِ أَوْ مِمَّا رَزَقَكُمُ اللّٰهُ ۚ قَالُوا إِنَّ اللّٰهَ حَرَّمَهُمَا عَلَى الْكٰفِرِينَ ﴿٥١﴾

٥١. ۽ دوزخي ماڻهو جنتين جي طرف مخاطب ٿي چوندا تہ ٿورو ڪجهہ پاڻي اسان جي طرف بہ اڇلايو يا جو ڪجهہ الله توهان کي ڏنو آهي انهيءَ مان اسان کي بہ ڪجهہ ڏيو (انهيءَ تي جنتي) چوندا تہ الله اهي ٻئي شيون ڪافرن تي حرام ڪري ڇڏيون آهن.

الَّذِينَ اتَّخَذُوا دِينَهُمْ لَهْوًا وَلَعِبًا وَغَرَّتْهُمُ الْحَيٰوةُ الدُّنْيَا ۚ فَالْيَوْمَ نَنْسٰهُمْ كَمَا نَسُوا لِقَاءَ يَوْمِهِمْ هٰذَا ۙ وَمَا كَانُوا بِاٰيٰتِنَا يَجْحَدُونَ ﴿٥٢﴾

٥٢. (اهڙا ڪافر) جن پنهنجي دين کي کل ۽ راند بنائي رکيو هو ۽ دنيوي زندگي انهنکي دوکي ۾ وجهي ڇڏيو هو پوءِ اڄ (خدا انهنکي چوينٿو تہ) اسان بہ انهنکي ڇڏي ڏينداسين جهڙيءَ طرح انهن پنهنجي هن ڏينهن جي ملڻ (جي خيال) کي بلڪل ڇڏي ڏنو هو ۽ انهيءَ سبب جي ڪري جو اهي اسانجي آيتن جو ضد ڪري انڪار ڪندا هئا.

وَلَقَدْ جِئْنٰهُمْ بِكِتٰبٍ فَصَّلْنٰهُ عَلٰى عِلْمٍ هُدًى وَّرَحْمَةً لِّقَوْمٍ يُّؤْمِنُونَ ﴿٥٣﴾

٥٣. ۽ اسان انهنکي هڪ عظيم الشان ڪتاب ڏنو آهي جنهنکي اسان علم جي بنياد تي کولي کولي بيان ڪيو آهي (انهيءَ حالت ۾ تہ) اهو مومنن ماڻهن لاءِ هدايت ۽ رحمت آهي.

هَلْ يَنْظُرُونَ إِلَّا تَأْوِيلَهُ ۚ يَوْمَ يَأْتِي تَأْوِيلُهُ

٥٤. ڇا (اڄ) اهي ماڻهو انهيءَ ڪتاب جي

يَقُولُ الَّذِينَ نَسُوهُ مِن قَبْلُ قَدْ جَاءَتْ رُسُلُ رَبِّنَا بِالْحَقِّ فَهَل لَّنَا مِن شُفَعَاءَ فَيَشْفَعُوا لَنَا أَوْ نُرَدُّ فَنَعْمَلَ غَيْرَ الَّذِي كُنَّا نَعْمَلُ قَدْ خَسِرُوا أَنفُسَهُمْ وَضَلَّ عَنْهُم مَّا كَانُوا يَفْتَرُونَ ﴿٥٣﴾ ع ١٣

(مذڪوره ڳالهين جي) حقيقت (جي ڪلڻ) جو انتظار ڪري رهيا آهن جنهن ڏينهن انهيءَ جي حقيقت واضع ٿي ويندي. اهي ماڻهو جن (هن ڪان) پهريائين انکي ترڪ ڪري ڇڏيو هو, چوندا اسانجي رب جا رسول جو ڪجهه چوندا هئا, سچ چوندا هئا پوءِ ڇا اسانجا ڪي شفاعت ڪرڻ وارا آهن جيڪي اسانجي شفاعت ڪن يا(ڇا ممڪن آهي ته) اسانکي وري دنيا ۾ موٽايو وڃي ته اسان جيڪي ڪي (برا) عمل ڪندا هئاسين انهنجي جاءِ تي ٻيا (نيڪ) عمل ڪرڻ لڳي وڃون.اهي ماڻهو (جن جو مٿي ذڪر ٿي چڪو آهي) يقينن گهاٽي ۾ پنجي ويا آهن (۽ پنهن جي جان کي بہ انهن گهاٽي ۾ وجهي ڇڏيو) ۽ جيڪي ڳالهيون اهي پنهنجي دل مان ناهي ڪندا هئا (اڄ) انهن کان وڃائجي ويون.

إِنَّ رَبَّكُمُ اللَّهُ الَّذِي خَلَقَ السَّمَاوَاتِ وَالْأَرْضَ فِي سِتَّةِ أَيَّامٍ ثُمَّ اسْتَوَىٰ عَلَى الْعَرْشِ يُغْشِي اللَّيْلَ النَّهَارَ يَطْلُبُهُ حَثِيثًا وَالشَّمْسَ وَالْقَمَرَ وَالنُّجُومَ مُسَخَّرَاتٍ بِأَمْرِهِ أَلَا لَهُ الْخَلْقُ وَالْأَمْرُ تَبَارَكَ اللَّهُ رَبُّ الْعَالَمِينَ ﴿٥٤﴾

٥٥. توهانجو رب يقينن الله آهي. جنهن آسمانن ۽ زمين کي ڇهن وقتن ۾ پيدا ڪيو آهي. پوءِ (انهي ڪائنات) اهو (حڪومت جي) تخت تي مضبوطيءَ سان قائم ٿي ويو. هو رات کي ڏينهن تي ڍڪي ٿو. جيڪا ان کي جلدي سان پڪڙڻ گهري ٿي. ۽ سج کي ۽ چنڊ کي ۽ تارن کي انهي اهڙي طرح پيدا ڪيو آهي. جو اهي سڀ انهيءَ جي حڪم جي ماتحت (بغير ڪنهن پگهار جي, انسان جي) ڪم ڪري رهيا آهن. ٻڌو پيدا ڪرڻ بہ انهيءَ جو ڪم آهي ۽ قانون بنائڻ بہ (انهيءَ جو ڪم آهي) الله وڏي برڪت وارو آهي, جو سيني جهان جو رب آهي.

ادْعُوا رَبَّكُمْ تَضَرُّعًا وَخُفْيَةً إِنَّهُ لَا يُحِبُّ

٥٦. توهان پنهنجي رب کي زاريءَ سان بہ ۽

الْمُعْتَدِيْنَ ﴿٥٥﴾

ڳجهيءَ طرح ٻـه پڪاريو يقينن هو حد کان ٽپي وڃڻ واري کي پسند نـه ٿو ڪري.

وَلَا تُفْسِدُوْا فِي الْاَرْضِ بَعْدَ اِصْلَاحِهَا وَادْعُوْهُ خَوْفًا وَّطَمَعًا ؕ اِنَّ رَحْمَتَ اللّٰهِ قَرِيْبٌ مِّنَ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿٥٦﴾

٥٧- ۽ زمين ۾ ان جي اصلاح کانپوءِ فساد نـه ڪيو ۽ انهيءَ (خدا) کي خوف ۽ اميد سان پڪاريو . الله جي رحمت يقينن محسنن جي ويجهو آهي.

وَهُوَ الَّذِيْ يُرْسِلُ الرِّيٰحَ بُشْرًاۢ بَيْنَ يَدَيْ رَحْمَتِهٖ ؕ حَتّٰٓى اِذَآ اَقَلَّتْ سَحَابًا ثِقَالًا سُقْنٰهُ لِبَلَدٍ مَّيِّتٍ فَاَنْزَلْنَا بِهِ الْمَآءَ فَاَخْرَجْنَا بِهٖ مِنْ كُلِّ الثَّمَرٰتِ ؕ كَذٰلِكَ نُخْرِجُ الْمَوْتٰى لَعَلَّكُمْ تَذَكَّرُوْنَ ﴿٥٧﴾

٥٨- ۽ اهوئي آهي جو هوائن کي پنهنجي رحمت کان پهرين خوشخبري ڏيڻ لاءِ موڪلي ٿو. ايستائين جو جڏهن اهي ڳرن ڪڪرن کي کڻن ٿيون اسان انهنکي هڪ مرده ملڪ ڏانهن هلائي وٺي ايندا آهيون. پوءِ اسان انهن مان پاڻي لاهيندا آهيون. پوءِ اسان انهيءَ پاڻي جي ذريعي هر قسم جا ميوا پيدا ڪندا آهيون. اهڙيءَ طرح اسان مردن کي ڪڍندا آهيون. انهيءَ لاءِ تـه توهان نصيحت حاصل ڪريو.

وَالْبَلَدُ الطَّيِّبُ يَخْرُجُ نَبَاتُهٗ بِاِذْنِ رَبِّهٖ ۚ وَالَّذِيْ خَبُثَ لَا يَخْرُجُ اِلَّا نَكِدًا ؕ كَذٰلِكَ نُصَرِّفُ الْاٰيٰتِ لِقَوْمٍ يَّشْكُرُوْنَ ﴿٥٨﴾ ع ١٤

٥٩- ۽ سٺو ملڪ (جنهن جي مٽي عمدي هجي) پنهنجي رب جي حڪم سان اوپڙ اپرن ٿا ۽ اهو (ملڪ) جنهن جي مٽي خراب آهي، انهيءَ جي پيداوار خراب ٿي نڪري ٿي. اهڙي طرح اسان شڪرگذار قوم جي لاءِ (پنهنجي) نشانين کي کولي بيان ڪندا آهيون.

لَقَدْ اَرْسَلْنَا نُوْحًا اِلٰى قَوْمِهٖ فَقَالَ يٰقَوْمِ اعْبُدُوا اللّٰهَ مَا لَكُمْ مِّنْ اِلٰهٍ غَيْرُهٗ ؕ اِنِّيْٓ اَخَافُ عَلَيْكُمْ عَذَابَ يَوْمٍ عَظِيْمٍ ﴿٥٩﴾

٦٠- اسان ضرور نوح کي رسول بنائي انجي قوم جي طرف موڪلي چڪا آهيون. پوءِ (جڏهين اهو انهن وٽ آيو تـه) انهيءَ چيو اي منهنجي قوم ! الله جي عبادت ڪيو. انهيءَ کان سواءِ اوهان جو ڪو معبود ڪونهي. مان توهان تي وڏي ڏينهن جي عذاب نازل ٿيڻ کان ڊڄان ٿو.

قَالَ الْمَلَاُ مِنْ قَوْمِهٖٓ اِنَّا لَنَرٰىكَ فِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ ﴿٦١﴾

٦١۔ انهيءَ جي قوم جي وڏن ماڻهن چيو، اي نوح ! اسان توکي کليل گمراهيءَ ۾ (مبتلا) ڏسون ٿا.

قَالَ يٰقَوْمِ لَيْسَ بِيْ ضَلٰلَةٌ وَّلٰكِنِّيْ رَسُوْلٌ مِّنْ رَّبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٦٢﴾

٦٢۔ (تڏهين) انهي (يعني نوح) چيو اي منهنجي قوم! مون ۾ تہ ڪا گمراهيءَ (جي ڳالهہ ئي) نہ ئي ملي. پر مان سڀني جهانن جي رب وٽان رسول (ٿي ڪري آيو) آهيان.

اُبَلِّغُكُمْ رِسٰلٰتِ رَبِّيْ وَاَنْصَحُ لَكُمْ وَاَعْلَمُ مِنَ اللّٰهِ مَا لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿٦٣﴾

٦٣۔ (۽) توهانکي پنهنجي رب جو پيغام پهچايان ٿو ۽ توهان جي خير خواهي ڪيان ٿو ۽ الله جي ڏنل علم مان اهو ڪجهہ ڄاڻان ٿو. جيڪو توهان نہ ٿا ڄاڻو.

اَوَعَجِبْتُمْ اَنْ جَآءَكُمْ ذِكْرٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ عَلٰى رَجُلٍ مِّنْكُمْ لِيُنْذِرَكُمْ وَلِتَتَّقُوْا وَلَعَلَّكُمْ تُرْحَمُوْنَ ﴿٦٤﴾

٦٤۔ ڇا توهان هن ڳالهہ تي عجب ڪيو ٿا تہ توهان وٽ توهانجي رب جي طرفان توهان مان ئي هڪ ماڻهوءَ تي هڪ نصيحت سان ڀريل ڪلام نازل ٿيو آهي انهيءَ لاءِ تہ هو توهان کي هوشيار ڪري. ۽ انهي لاءِ تہ توهان متقي بڻجي وڃو ۽ انهي جي نتيجي ۾ توهان تي رحم ڪيو وڃي.

فَكَذَّبُوْهُ فَاَنْجَيْنٰهُ وَالَّذِيْنَ مَعَهٗ فِي الْفُلْكِ وَاَغْرَقْنَا الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا ۭ اِنَّهُمْ كَانُوْا قَوْمًا عَمِيْنَ ﴿٦٥﴾ ع ٨

٦٥۔ (پر) پوءِ (بہ) انهن انهي جو انڪار ڪيو پوءِ اسان انهي کي ۽ انهي جي ساٿين کي هڪ ٻيڙي جي ذريعي نجات ڏني ۽ اسان انهن ماڻهن کي جن اسان جي آيتن جو انڪار ڪيو هو غرق ڪري ڇڏيو. اهي هڪ انڌي قوم هئا.

وَاِلٰى عَادٍ اَخَاهُمْ هُوْدًا ۭ قَالَ يٰقَوْمِ اعْبُدُوا اللّٰهَ مَا لَكُمْ مِّنْ اِلٰهٍ غَيْرُهٗ ۭ اَفَلَا تَتَّقُوْنَ ﴿٦٦﴾

٦٦۔ ۽ يقينن عاد جي طرف اسان انهيءَ جي ڀاءُ هود کي رسول بنائي موڪليو هو (تڏهن) انهيءَ چيو اي منهنجي قوم ! الله جي عبادت ڪريو انهي کانسواءِ توهانجو ٻيو ڪو معبود ناهي ۽ ڇا توهان تقويٰ اختيار نٿا ڪريو.

قَالَ الْمَلَأُ الَّذِينَ كَفَرُوا مِن قَوْمِهِ إِنَّا لَنَرَاكَ فِي سَفَاهَةٍ وَإِنَّا لَنَظُنُّكَ مِنَ الْكَاذِبِينَ ﴿٦٧﴾

٦٧. (تڏهين) انهي قوم جي ڪافر سردارن چيو (اي هود!) اسان توکي يقينن بي وقوفيءَ ۾ (مبتلا) ڏسون ٿا ۽ اسان توکي يقينن ڪوڙن مان تصور ڪريون ٿا.

قَالَ يَا قَوْمِ لَيْسَ بِي سَفَاهَةٌ وَلَٰكِنِّي رَسُولٌ مِّن رَّبِّ الْعَالَمِينَ ﴿٦٨﴾

٦٨. هن (يعني هود) چيو, اي منهنجي قوم ! مون ۾ بي وقوفيءَ جي ڪابہ ڳالهہ ڪانہ (ٿي ملي) ليڪن (اهو ضرور آهي تہ) مان سڀني جهانن جي رب وٽان رسول آهيان.

أُبَلِّغُكُمْ رِسَالَاتِ رَبِّي وَأَنَا لَكُمْ نَاصِحٌ أَمِينٌ ﴿٦٩﴾

٦٩. مان پنهنجي رب جي پيغام کي پهچايان ٿو ۽ مان توهانجو خير خواهہ (۽) امانتدار آهيان.

أَوَعَجِبْتُمْ أَن جَاءَكُمْ ذِكْرٌ مِّن رَّبِّكُمْ عَلَىٰ رَجُلٍ مِّنكُمْ لِيُنذِرَكُمْ وَاذْكُرُوا إِذْ جَعَلَكُمْ خُلَفَاءَ مِن بَعْدِ قَوْمِ نُوحٍ وَزَادَكُمْ فِي الْخَلْقِ بَسْطَةً فَاذْكُرُوا آلَاءَ اللَّهِ لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُونَ ﴿٧٠﴾

٧٠. ڇا توهان انهيءَ ڳالهہ تي تعجب ڪيو ٿا تہ توهان مان ئي هڪ شخص تي توهان جي رب جي طرفان نصيحت جي ڳالهہ لٿي آهي. انهيءَ لاءِ تہ اهو توهانکي اچڻ واري عذاب کان هوشيار ڪري ۽ ياد ڪيو, جڏهن انهي (خدا) توهان کي نوح جي قوم کان پوءِ (انهن جو) جانشين بنايو ۽ توهانجي جسم کي تمام مضبوط بنايو. پوءِ الله جي نعمتن کي ياد ڪريو. انهيءَ لاءِ تہ توهان با مراد ٿي وڃو.

قَالُوا أَجِئْتَنَا لِنَعْبُدَ اللَّهَ وَحْدَهُ وَنَذَرَ مَا كَانَ يَعْبُدُ آبَاؤُنَا فَأْتِنَا بِمَا تَعِدُنَا إِن كُنتَ مِنَ الصَّادِقِينَ ﴿٧١﴾

٧١. انهن چيو (اي هود!) ڇا تون اسان وٽ انهيءَ لاءِ آيو آهين تہ الله (کي) هڪ (ڄاڻي انهيءَ) جي عبادت ڪريون ۽ جنجي اسانجا ابا ڏاڏا پوڄا ڪندا هئا, انهن کي ڇڏي ڏيون . پوءِ جنهن ڳالهہ کان تون اسانکي ڊيڄارين ٿو. جيڪڏهين تون سچو آهين تہ انهي کي وٺي اچ.

قَالَ قَدْ وَقَعَ عَلَيْكُم مِّن رَّبِّكُمْ رِجْسٌ وَغَضَبٌ

٧٢. انهي چيو تہ توهانجي رب جي طرفان توهان تي عذاب ۽ غضب نازل ٿي چڪو

أَتُجَادِلُونَنِي فِي أَسْمَاءٍ سَمَّيْتُمُوهَا أَنتُمْ وَآبَاؤُكُم مَّا نَزَّلَ اللَّهُ بِهَا مِن سُلْطَانٍ فَانتَظِرُوا إِنِّي مَعَكُم مِّنَ الْمُنتَظِرِينَ ﴿٧٢﴾

آهي. ڇا توهان انهن جي نالن جي متعلق مون سان بحث ڪيو ٿا. جيڪي توهان ۽ توهانجي پيءُ ڏاڏن تجويز ڪيا هئا. الله تـہ انهن لاءِ ڪو دليل نـہ لاٿو. پوءِ توهان بـہ (منهن جي لاءِ عذاب جو) انتظار ڪيو.مان بـہ توهان سان (توهانجي لاءِ) عذاب جو انتظار ڪندو رهندس (۽ ڏسنداسين ڪنهن جون اميدون پوريون ٿين ٿيون).

فَأَنجَيْنَاهُ وَالَّذِينَ مَعَهُ بِرَحْمَةٍ مِّنَّا وَقَطَعْنَا دَابِرَ
9
الَّذِينَ كَذَّبُوا بِآيَاتِنَا وَمَا كَانُوا مُؤْمِنِينَ ﴿٧٣﴾ ع ٨ ١٦

٧٣ آخر اسان انهي کي ۽ انهي جي سائين کي پنهنجي رحمت جي ذريعي نجات بخشي ۽ جن ماڻهن اسان جي آيتن جو انڪار ڪيو هو, ۽ مومنن ۾ شامل نـہ ٿيا هئا. انهن جي پاڙ (ئي) پٽي ڇڏي.

وَإِلَىٰ ثَمُودَ أَخَاهُمْ صَالِحًا قَالَ يَا قَوْمِ اعْبُدُوا اللَّهَ مَا لَكُم مِّنْ إِلَٰهٍ غَيْرُهُ قَدْ جَاءَتْكُم بَيِّنَةٌ مِّن رَّبِّكُمْ هَٰذِهِ نَاقَةُ اللَّهِ لَكُمْ آيَةً فَذَرُوهَا تَأْكُلْ فِي أَرْضِ اللَّهِ وَلَا تَمَسُّوهَا بِسُوءٍ فَيَأْخُذَكُمْ عَذَابٌ أَلِيمٌ ﴿٧٤﴾

٧٤ ۽ اسان ثمود ڏانهن (بـہ) انهي جي ڀاءُ صالح کي (رسول بنائي موڪليو هو) انهي (انهن کي ) چيو اي منهنجي قوم ! الله جي عبادت ڪيو, انهيءَ ڪانسواءِ توهانجو ڪو بيو معبود ناهي. توهان وٽ توهانجي رب جي طرفان هڪ کليل دليل اچي چڪو آهي (۽ اهو هي آهي تـہ) هي الله جي ڏاچي آهي. جيڪا توهانجي لاءِ نشاني جي طور آهي. سو انهي کي ڇڏي ڏيو تـہ الله جي زمين ۾ ڪائيندي رهي ۽ انهي کي ڪا تڪليف نـہ پهچايو. (ائين ڪيو تـہ) توهانکي دردناڪ عذاب پهچندو.

وَاذْكُرُوا إِذْ جَعَلَكُمْ خُلَفَاءَ مِن بَعْدِ عَادٍ وَبَوَّأَكُمْ فِي الْأَرْضِ تَتَّخِذُونَ مِن سُهُولِهَا قُصُورًا وَتَنْحِتُونَ الْجِبَالَ بُيُوتًا فَاذْكُرُوا آلَاءَ اللَّهِ وَلَا تَعْثَوْا فِي الْأَرْضِ مُفْسِدِينَ ﴿٧٥﴾

٧٥ ۽ ياد ڪيو جڏهن انهي (خدا) توهان کي عاد جي قوم ڪانپوءِ (انهيءَ جو) جانشين بنايو ۽ زمين ۾ توهانجو (اهڙي طرح) ٺڪاڻو بنايو جو توهان انهيءَ جي ميدانن ۾ قلعا بنائيندا هئا. ۽ جبلن کي کوٽي گهر بنائيندا

هئا پوءِ الله جي نعمتن کي ياد ڪيو ۽ زمين ۾ جاءِ واٽي فساد نہ ڪيو.

قَالَ الْمَلَأُ الَّذِيْنَ اسْتَكْبَرُوْا مِنْ قَوْمِهٖ لِلَّذِيْنَ اسْتُضْعِفُوْا لِمَنْ اٰمَنَ مِنْهُمْ اَتَعْلَمُوْنَ اَنَّ صٰلِحًا مُّرْسَلٌ مِّنْ رَّبِّهٖ ؕ قَالُوْٓا اِنَّا بِمَآ اُرْسِلَ بِهٖ مُؤْمِنُوْنَ ﴿۷۵﴾

٧٦ (انهي تي) انهي (يعني صالح) جي قوم مان جن وڏن تڪبر ڪيو هو انهن ماڻهن مان جن صالح جي قوم مان ايمان آندو هو، مگر ضعيف هئا. چيو تہ ڇا توهان (اصل ۾) سمجهو ٿا تہ صالح پنهنجي رب جي طرف کان رسول آهي انهن (مومنن) چيو اسان تہ انهي تعليم تي جنهن سان هو موڪليو ويو آهي ايمان آڻيون ٿا.

قَالَ الَّذِيْنَ اسْتَكْبَرُوْٓا اِنَّا بِالَّذِيْٓ اٰمَنْتُمْ بِهٖ كٰفِرُوْنَ ﴿۷۶﴾

٧٧ (انهيءَ تي) اهي ماڻهو جن تڪبر کان ڪم ورتو هو. چيو جنهن (تعليم) تي توهان ايمان آندو آهي اسان انجا منڪر آهيون.

فَعَقَرُوا النَّاقَةَ وَعَتَوْا عَنْ اَمْرِ رَبِّهِمْ وَقَالُوْا يٰصٰلِحُ ائْتِنَا بِمَا تَعِدُنَآ اِنْ كُنْتَ مِنَ الْمُرْسَلِيْنَ ﴿۷۷﴾

٧٨ پوءِ انهن (جوش ۾ اچي) ڏاچيءَ جون ڪچون ڪپي ڇڏيون ۽ پنهنجي رب جي نافرماني ڪئي ۽ چيائون اي صالح ! جنهن عذاب جو تون اسان سان واعدو ڪرين ٿو، جيڪڏهين تون (سچو) رسول آهين تہ انکي آڻ.

فَاَخَذَتْهُمُ الرَّجْفَةُ فَاَصْبَحُوْا فِيْ دَارِهِمْ جٰثِمِيْنَ ﴿۷۸﴾

٧٩ انهيءَ تي انهنکي زلزلي اچي ورتو ۽ اهي پنهنجي گهرن ۾ گوڏن ڀر ڪريل رهجي ويا.

فَتَوَلّٰى عَنْهُمْ وَقَالَ يٰقَوْمِ لَقَدْ اَبْلَغْتُكُمْ رِسَالَةَ رَبِّيْ وَنَصَحْتُ لَكُمْ وَلٰكِنْ لَّا تُحِبُّوْنَ النّٰصِحِيْنَ ﴿۷۹﴾

٨٠ تڏهين صالح انهن (يعني پنهنجي قوم جي ماڻهن) کي ڇڏي ٻئي طرف هليو ويو ۽ چيائين اي منهنجي قوم ! مون توهانکي پنهنجي رب جو پيغام پهچائي ڇڏيو هو ۽ توهانجي خير خواهيءَ جون ڳالهيون توهانکي چيون هيون پر توهان ماڻهو خير خواهن کي پسند نہ ٿا ڪريو.

وَلُوْطًا اِذْ قَالَ لِقَوْمِهٖٓ اَتَاْتُوْنَ الْفَاحِشَةَ مَا سَبَقَكُمْ

٨١ ۽ (اسان) لوط کي بہ (انهيءَ جي قوم ڏانهن رسول ڪري موڪليو هو) جڏهين

بِهَا مِنْ اَحَدٍ مِّنَ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٨٠﴾

انهيءَ (وجي) پنهنجي قوم کي چيو ڇا توهان اهڙي بي حيائي ڪريو ٿا جو توهان کان پهرين سڀني قومن مان ڪنهن بہ نہ ڪئي هئي.

اِنَّكُمْ لَتَاْتُوْنَ الرِّجَالَ شَهْوَةً مِّنْ دُوْنِ النِّسَآءِ ؕ بَلْ اَنْتُمْ قَوْمٌ مُّسْرِفُوْنَ ﴿٨١﴾

٨٢. ڇا توهان عورتن کي ڇڏي مردن رڳو شهوت جي ارادي سان اچو ٿا. پر (اصل ڳالهہ هيءَ آهي تہ) توهان حد کان وڌي وڃڻ واري قوم آهيو.

وَمَا كَانَ جَوَابَ قَوْمِهٖۤ اِلَّاۤ اَنْ قَالُوْۤا اَخْرِجُوْهُمْ مِّنْ قَرْيَتِكُمْ ۚ اِنَّهُمْ اُنَاسٌ يَّتَطَهَّرُوْنَ ﴿٨٢﴾

٨٣. انهيءَ تي انهيءَ جي قوم صرف اهو چيو (اي ماڻهو!) لوط ۽ انهيءَ جي ساٿين کي شهر مان ڪڍي ڇڏيو اهي اهڙا ماڻهو آهن جيڪي پاڪباز بڻجن ٿا.

فَاَنْجَيْنٰهُ وَاَهْلَهٗۤ اِلَّا امْرَاَتَهٗ ۖؗ كَانَتْ مِنَ الْغٰبِرِيْنَ ﴿٨٣﴾

٨٤. پوءِ اسان انهيءَ کي ۽ انهيءَ جي گهر وارن کي، سواءِ انهيءَ جي زال جي، نجات ڏني. اها (زال) پوئتي رهڻ وارن مان ٿي وئي.

وَاَمْطَرْنَا عَلَيْهِمْ مَّطَرًا ؕ فَانْظُرْ كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الْمُجْرِمِيْنَ ﴿٨٤﴾ ع ١٠ / ١١ / ١٦

٨٥. ۽ اسان انهن تي پٿرن جي هڪ بارش (زلزلي جي سبب ڪري) وسائي. پوءِ ڏس تہ مجرمن جو انجام ڪهڙو ٿيو.

وَاِلٰى مَدْيَنَ اَخَاهُمْ شُعَيْبًا ؕ قَالَ يٰقَوْمِ اعْبُدُوا اللّٰهَ مَا لَكُمْ مِّنْ اِلٰهٍ غَيْرُهٗ ؕ قَدْ جَآءَتْكُمْ بَيِّنَةٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ فَاَوْفُوا الْكَيْلَ وَالْمِيْزَانَ وَلَا تَبْخَسُوا النَّاسَ اَشْيَآءَهُمْ وَلَا تُفْسِدُوْا فِى الْاَرْضِ بَعْدَ اِصْلَاحِهَا ؕ ذٰلِكُمْ خَيْرٌ لَّكُمْ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ۚ ﴿٨٥﴾

٨٦. ۽ مدين جي طرف انهن جي ڀاءُ شعيب کي بہ (يقينن اسان رسول ڪري موڪليو) انهيءَ چيو اي منهنجي قوم ! الله جي عبادت ڪريو انهيءَ کانسواءِ توهانجو ٻيو ڪو بہ معبود ڪونهي. توهان جي رب جي طرفان هڪ ظاهر نشان اچي چڪو آهي (يعني خود شعيب عليه السلام) پوءِ گهرجي تہ ماپ ۽ تور ٺيڪ پورا ڏيندا ڪيو. ۽ ماڻهن کي انهن جون شيون حق کان گهٽ نہ ڏيندا ڪيو. ۽ زمين ۾ انجي اصلاح کان پوءِ فساد نہ ڪيو ۽ جيڪڏهن توهان مومن آهيو تہ هي توهان جي لاءِ تمام سٺو آهي.

وَلَا تَقْعُدُوا بِكُلِّ صِرَاطٍ تُوعِدُونَ وَتَصُدُّونَ عَنْ سَبِيلِ اللَّهِ مَنْ آمَنَ بِهِ وَتَبْغُونَهَا عِوَجًا ۚ وَاذْكُرُوا إِذْ كُنْتُمْ قَلِيلًا فَكَثَّرَكُمْ ۖ وَانْظُرُوا كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الْمُفْسِدِينَ ﴿٨٦﴾

٨٧ ۽ هر ڪنهن رستي تي (انهيءَ نيت سان) نه وهندا ڪريو ته جيڪو الله تي ايمان آڻي انهيءَ کي الله جي رستي کان ڊيڄاريو ۽ روڪيو ۽ انهي (خدا جي رستي) ۾ غلطيون پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا رهو ۽ ياد ڪيو جڏهين توهان ٿورا هئا ته خدا توهان کي وڌايو هو ۽ هميشه نظر ۾ رکو ته فساد ڪرڻ وارن جو انجام ڪهڙو ٿيندو رهيو آهي.

وَإِنْ كَانَ طَائِفَةٌ مِنْكُمْ آمَنُوا بِالَّذِي أُرْسِلْتُ بِهِ وَطَائِفَةٌ لَمْ يُؤْمِنُوا فَاصْبِرُوا حَتَّىٰ يَحْكُمَ اللَّهُ بَيْنَنَا ۚ وَهُوَ خَيْرُ الْحَاكِمِينَ ﴿٨٧﴾

٨٨ ۽ جيڪڏهين توهان مان ڪنهن ٽولي انهيءَ تي ايمان آندو آهي جنهن سان گڏ مان موڪليو ويو آهيان ته صبر کان ڪم وٺو ايستائين جو الله اسان (مومنن ۽ ڪافرن) ۾ فيصلو ڪري ڇڏي ۽ اهو سڀ کان بهتر فيصلي ڪرڻ وارو آهي.

قَالَ الْمَلَأُ الَّذِينَ اسْتَكْبَرُوا مِنْ قَوْمِهِ لَنُخْرِجَنَّكَ يَا شُعَيْبُ وَالَّذِينَ آمَنُوا مَعَكَ مِنْ قَرْيَتِنَا أَوْ لَتَعُودُنَّ فِي مِلَّتِنَا ۚ قَالَ أَوَلَوْ كُنَّا كَارِهِينَ ﴿٨٨﴾

٨٩ انهيءَ جي قوم مان جيڪي ماڻهو متڪبر ٿيا هئا انهن مان وڏن ماڻهن چيو اي شعيب! اسان توکي ۽ انهنکي جن توتي ايمان آندو آهي پنهنجي ملڪ مان ڪڍي ڇڏينداسين يا پوءِ تون اسانجي مذهب ۾ موٽي ايندين. انهيءَ تي هن چيو ۽ جيڪڏهن اسان (انهيءَ فعل کي) نا پسند به ڪيون (ته ڇا پوءِ به ڪڍي ڇڏيندؤ!).

قَدِ افْتَرَيْنَا عَلَى اللَّهِ كَذِبًا إِنْ عُدْنَا فِي مِلَّتِكُمْ بَعْدَ إِذْ نَجَّانَا اللَّهُ مِنْهَا ۚ وَمَا يَكُونُ لَنَا أَنْ نَعُودَ فِيهَا إِلَّا أَنْ يَشَاءَ اللَّهُ رَبُّنَا ۚ وَسِعَ رَبُّنَا كُلَّ شَيْءٍ عِلْمًا ۚ عَلَى اللَّهِ تَوَكَّلْنَا ۚ رَبَّنَا افْتَحْ بَيْنَنَا وَبَيْنَ قَوْمِنَا بِالْحَقِّ وَأَنْتَ خَيْرُ الْفَاتِحِينَ ﴿٨٩﴾

٩٠ (حقيقت هيءَ آهي ته) جيڪڏهين اسان توهانجي مذهب ۾ موٽي به اچون انهيءَ کانپوءِ جو الله اسانکي انهيءَ کان نجات ڏني ڇڏي آهي ته (انهيءَ جي معنيٰ هيءَ نه ٿيندي ته توهان سچا آهيو پر هيءَ ٿيندي ته) حقيقت ۾ اسان الله تي ڪوڙ گهڙيو هو ۽ (هاڻي ايمان آڻڻ کانپوءِ) الله جي مرضيءَ کانسواءِ انهيءَ (پهرئين مذهب) جي طرف

اسانجو موٽڻ اسانجي اختيار کان ٻاهر آهي اسانجو رب هر شيء تي ڪامل علم رکي ٿو. اسين الله ني تي توڪل ڪيون ٿا (۽ چئون ٿا) اي اسانجا رب ! اسان جي ۽ اسان جي قوم جي وچم سچ جي مطابق فيصلو ڪر ۽ تون سڀني فيصلي ڪندڙن کان بهتر آهين.

وَقَالَ الْمَلَأُ الَّذِينَ كَفَرُوا مِن قَوْمِهِ لَئِنِ اتَّبَعْتُمْ شُعَيْبًا إِنَّكُمْ إِذًا لَّخَاسِرُونَ ﴿٩١﴾

٩١. ۽ جيڪي انهيء جي قوم مان ڪافر هئا انهن جي سردارن چيو جيڪڏهن توهان شعيب جي پيروي ڪندؤ تہ توهان نقصان حاصل ڪرڻ وارن مان ٿي ويندؤ.

فَأَخَذَتْهُمُ الرَّجْفَةُ فَأَصْبَحُوا فِي دَارِهِمْ جَاثِمِينَ ﴿٩٢﴾

٩٢. پوء انهنکي هڪڙي زلزلي اچي ورتو ۽ اهي پنهنجي گهرن ۾ گوڏن ڀر ڪرڻ جي حالت ۾ پيا رهيا.

معانقة عند المتقدمين

الَّذِينَ كَذَّبُوا شُعَيْبًا كَأَن لَّمْ يَغْنَوْا فِيهَا ۚ الَّذِينَ كَذَّبُوا شُعَيْبًا كَانُوا هُمُ الْخَاسِرِينَ ﴿٩٣﴾

٩٣. اهي جن شعيب کي ڪوڙو ڪيو هو (اهڙا تباهہ ٿيا جو) ڄڻ اهي ڪڏهين پنهنجي ملڪ ۾ رهندڙ ٿي نہ هئا اهي جن شعيب کي ڪوڙو ڪيو هو اهي گهاٽو پائڻ وارن مان ٿي ويا.

فَتَوَلَّىٰ عَنْهُمْ وَقَالَ يَا قَوْمِ لَقَدْ أَبْلَغْتُكُمْ رِسَالَاتِ رَبِّي وَنَصَحْتُ لَكُمْ ۖ فَكَيْفَ آسَىٰ عَلَىٰ قَوْمٍ كَافِرِينَ ﴿٩٤﴾ ع

٩٤. انهيء تي هو (شعيب) انهن کان پٺي ڦيرائي هليو ويو ۽ چوندو ويو اي منهنجي قوم! مون پنهنجي رب جا پيغام توهان کي پهچائي ڏنا هئا ۽ توهان کي نصيحت ڪئي هئي پوء هاڻي مان منڪر قوم تي ڪهڙو افسوس ڪريان.

وَمَا أَرْسَلْنَا فِي قَرْيَةٍ مِّن نَّبِيٍّ إِلَّا أَخَذْنَا أَهْلَهَا بِالْبَأْسَاءِ وَالضَّرَّاءِ لَعَلَّهُمْ يَضَّرَّعُونَ ﴿٩٥﴾

٩٥. ۽ اسان ڪنهن شهر ڏانهن ڪو رسول نہ موڪليو مگر (هيئن ٿي ٿيو تہ) اسان انهيء ۾ رهڻ وارن کي سختيء ۽ مصيبت سان پڪڙيو انهيء لاء تہ هو عاجزي ۽ زاري ڪن.

ثُمَّ بَدَّلْنَا مَكَانَ السَّيِّئَةِ الْحَسَنَةَ حَتَّىٰ عَفَوا وَّقَالُوا

٩٦. پوء اسان تڪليف جي جاء تي سهوليت

قَدْ مَسَّ اٰبَآءَنَا الضَّرَّآءُ وَالسَّرَّآءُ فَاَخَذْنٰهُمْ بَغْتَةً وَّهُمْ لَا يَشْعُرُوْنَ ﴿٩٦﴾

ڪي بدلائي ڇڏيو. ايتري قدر جو جڏهين اهي ترقي ڪري ويا ۽ چوڻ لڳا تہ تڪليفون ۽ سک تہ اسانجن پيءُ ڏاڏن کي بہ ايندا هئا. (جيڪڏهين اسانکي آيا تہ ڪا نئين ڳالهہ ڪانهي) پوءِ اسان انهنکي اوچتو (عذاب سان) پڪڙي ورتو ۽ اهي سمجهيا نہ ٿي (تہ ائين ڇو ٿيو).

وَلَوْ اَنَّ اَهْلَ الْقُرٰۤى اٰمَنُوْا وَاتَّقَوْا لَفَتَحْنَا عَلَيْهِمْ بَرَكٰتٍ مِّنَ السَّمَآءِ وَالْاَرْضِ وَلٰكِنْ كَذَّبُوْا فَاَخَذْنٰهُمْ بِمَا كَانُوْا يَكْسِبُوْنَ ﴿٩٧﴾

٩٧- ۽ جيڪڏهين انهن ڳوٺن جي رهڻ وارا ايمان آڻين ها ۽ تقويٰ ڪن ها تہ اسان آسمانن مان ۽ زمين مان انهن لاءِ برڪتن جا دروازا کولي ڇڏيون ها پر انهن (نبين کي) ڪوڙو ڪيو پوءِ اسان انهنکي انهنجي عملن جي سبب عذاب ۾ گرفتار ڪري ڇڏيو.

اَفَاَمِنَ اَهْلُ الْقُرٰۤى اَنْ يَّاْتِيَهُمْ بَاْسُنَا بَيَاتًا وَّهُمْ نَآئِمُوْنَ ﴿٩٨﴾

٩٨- چا انهن شهرن ۾ رهڻ وارا (يعني مڪي ۽ انهيءَ جي ارد گرد وارا ماڻهو) انهيءَ ڳالهہ کان امن ۾ اچي ويا آهن تہ اسانجو عذاب انهن تي رات جي وقت جڏهين اهي ستل هجن اچي وڃي.

اَوَاَمِنَ اَهْلُ الْقُرٰۤى اَنْ يَّاْتِيَهُمْ بَاْسُنَا ضُحًى وَّهُمْ يَلْعَبُوْنَ ﴿٩٩﴾

٩٩- يا انهن شهرن ۾ رهڻ وارا ماڻهو انهيءَ ڳالهہ کان امن ۾ اچي ويا آهن تہ اسانجو عذاب انهن تي ٻنپهرن جي وقت اچي وڃي ۽ اهي کيڏي رهيا هجن.

اَفَاَمِنُوْا مَكْرَ اللّٰهِ فَلَا يَاْمَنُ مَكْرَ اللّٰهِ اِلَّا الْقَوْمُ الْخٰسِرُوْنَ ﴿١٠٠﴾ ع

١٠٠- چا اهي الله جي تدبير کان محفوظ ٿي ويا آهن (جيڪڏهين ائين آهي) تہ ياد رکن تہ نقصان ۾ پوڻ واري قوم کانسواءِ ڪا قوم الله جي تدبير کان غافل نہ هوندي آهي.

اَوَلَمْ يَهْدِ لِلَّذِيْنَ يَرِثُوْنَ الْاَرْضَ مِنْۢ بَعْدِ اَهْلِهَاۤ اَنْ لَّوْ نَشَآءُ اَصَبْنٰهُمْ بِذُنُوْبِهِمْ ۚ وَنَطْبَعُ عَلٰى قُلُوْبِهِمْ فَهُمْ لَا يَسْمَعُوْنَ ﴿١٠١﴾

١٠١- چا انهن ماڻهن کي جيڪي انهن جي اصل رهاڪن کانپوءِ زمين جا وارث بنيا هن ڳالهہ عقل نہ ڏنو تہ جيڪڏهين اسين چاهيون تہ انهن جي گناهن جي سببان انهن

تي بہ عذاب نازل ڪري سگھون ٿا ۽ انهن جي دلين تي مهر بہ لڳائي سگھون ٿا جنهن جي سبب ڪري اهي هدايت جي ڳالهين کي ٻڌي نہ سگھندا.

تِلْكَ الْقُرٰى نَقُصُّ عَلَيْكَ مِنْ اَنْۢبَآئِهَا ۚ وَلَقَدْ جَآءَتْهُمْ رُسُلُهُمْ بِالْبَيِّنٰتِ ۚ فَمَا كَانُوْا لِيُؤْمِنُوْا بِمَا كَذَّبُوْا مِنْ قَبْلُ ۚ كَذٰلِكَ يَطْبَعُ اللّٰهُ عَلٰى قُلُوْبِ الْكٰفِرِيْنَ ﴿١٠٢﴾

١٠٢. اهي اهڙا ڳوٺ آهن جنجون خبرون اسان توکي ٻڌائي رهيا آهيون ۽ انهن وٽ انهن جا رسول نشانيون کڻي آيا هئا پر انهن (انهيءَ تي بہ) ايمان نہ آندو جو جو اهي منڍ ۾ انڪار ڪري چڪا هئا. الله اهڙيءَ طرح ڪافرن جي دلين تي مهر لڳائي ٿو.

وَمَا وَجَدْنَا لِاَكْثَرِهِمْ مِّنْ عَهْدٍ ۚ وَاِنْ وَّجَدْنَآ اَكْثَرَهُمْ لَفٰسِقِيْنَ ﴿١٠٣﴾

١٠٣. ۽ اسان انهن مان ڪيترن کي (پنهنجي) عهد جو پابند نہ ڏٺو پر اسان يقينن انهن مان ڪيترن کي عهد ٽوڙڻ وارو ئي ڏٺو.

ثُمَّ بَعَثْنَا مِنْۢ بَعْدِهِمْ مُّوْسٰى بِاٰيٰتِنَآ اِلٰى فِرْعَوْنَ وَمَلَا۠ئِهٖ فَظَلَمُوْا بِهَا ۚ فَانْظُرْ كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الْمُفْسِدِيْنَ ﴿١٠٤﴾

١٠٤. پوءِ اسان انهن (نبين) کانپوءِ موسيٰ کي پنهنجون نشانيون ڏئي فرعون ۽ انهيءَ جي سردارن ڏانهن موڪليو تہ هنن انهن (نشانين) سان ظلم جو سلوڪ ڪيو. پوءِ تون ڏس تہ فساد ڪرڻ وارن جي ڇا ٿي.

وَقَالَ مُوْسٰى يٰفِرْعَوْنُ اِنِّيْ رَسُوْلٌ مِّنْ رَّبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿١٠٥﴾

١٠٥. ۽ موسيٰ فرعون کي چيو تہ مان سڀني جهانن جي رب جي طرفان رسول آهيان.

حَقِيْقٌ عَلٰٓى اَنْ لَّآ اَقُوْلَ عَلَى اللّٰهِ اِلَّا الْحَقَّ ۗ قَدْ جِئْتُكُمْ بِبَيِّنَةٍ مِّنْ رَّبِّكُمْ فَاَرْسِلْ مَعِيَ بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ ﴿١٠٦﴾

١٠٦. ۽ انهيءَ ڳالهہ جو حقدار آهيان تہ الله جي متعلق سواءِ سچيءَ ڳالهہ جي ڪجهہ نہ چوان مان توهان وٽ توهانجي رب جي طرفان هڪ کليل نشان کڻي آيو آهيان پوءِ مون سان بني اسرائيل کي موڪلي ڏي.

قَالَ اِنْ كُنْتَ جِئْتَ بِاٰيَةٍ فَأْتِ بِهَآ اِنْ كُنْتَ مِنَ الصّٰدِقِيْنَ ﴿١٠٧﴾

١٠٧. انهي (فرعون) چيو جيڪڏهين تون ڪو نشان کڻي آيو آهين ۽ تون واقعي سچو آهين تہ انهيءَ کي ظاهر ڪر.

فالقى عصاه فاذا هي ثعبان مبين ﴿١٠٨﴾

١٠٨. انهيءَ تي انهيءَ (موسيٰ) پنهنجي لٺ (زمين تي) ڦٽي ڪئي ۽ اوچتو اهو هڪ ظاهر ظهور نانگ نظر اچڻ لڳو.

ونزع يده فاذا هي بيضاء للنظرين ﴿١٠٩﴾ ع ١٣

١٠٩. پوءِ انهيءَ پنهنجو هٿ ٻاهر ڪڍيو تـه اهو ڏسڻ وارن جي نظر ۾ بلڪل اڇو هو.

قال الملا من قوم فرعون ان هذا لسحر عليم ﴿١١٠﴾

١١٠. انهيءَ تي فرعون جي قوم جي سردارن چيو هيءَ ڪو وڏي علم وارو جادوگر آهي.

يريد ان يخرجكم من ارضكم فماذا تامرون ﴿١١١﴾

١١١. جيڪو توهانکي توهانجي ملڪ کان ٻاهر ڪڍڻ چاهي ٿو پوءِ توهان (انهيءَ جي باري ۾) ڪهڙو مشورو ڏيو ٿا.

قالوا ارجه واخاه وارسل في المدائن حشرين ﴿١١٢﴾

١١٢. (انهيءَ تي سردارن) چيو موسيٰ کي ۽ انهيءَ جي ڀاءُ کي (ڪجهه) دير ڏيو ۽ سڀني شهرن ۾ پڙهي ڏيڻ وارا موڪليو.

ياتوك بكل سحر عليم ﴿١١٣﴾

١١٣. (انهيءَ لاءِ تـه) اهي توهان وٽ هر هڪ ڄاڻو جادوگر کي آڻين.

وجاء السحرة فرعون قالوا ان لنا لاجرا ان
كنا نحن الغلبين ﴿١١٤﴾

١١٤. (۽ انهيءَ ڪوشش جي نتيجي ۾) سڀ جادوگر فرعون وٽ جمع ٿي ويا ۽ انهن چيو جيڪڏهين اسين غالب ٿياسين تـه ڇا اسانکي ڪجهه انعام (بـه) ملندو.

قال نعم وانكم لمن المقربين ﴿١١٥﴾

١١٥. انهيءَ تي انهيءَ (فرعون) چيو ڇو نـه انهيءَ ڪانسواءِ توهان منهنجي پسنديده جماعت (بـه) ٿي ويندؤ.

قالوا يموسى اما ان تلقي واما ان نكون نحن
الملقين ﴿١١٦﴾

١١٦. انهن چيو اي موسيٰ! ڇا تون ڀهريائين اڇلائيندين يا اسان (ڀهرئين) اڇلائڻ جي همت ڪريون.

قال القوا فلما القوا سحروا اعين الناس
واسترهبوهم وجاءو بسحر عظيم ﴿١١٧﴾

١١٧. موسيٰ چيو توهان (ڀهرئين) اڇليو پوءِ جڏهين انهن (پنهنجون لٺيون ۽ رسيون) اڇلايون تـه ماڻهن جي اکين تي فريب ڪري ڇڏيو ۽ انهن کي ڊيڄاري ڇڏيو ۽ هڪ تمام وڏو فريب (ماڻهن جي سامهون) انهن پيش

| | |
|---|---|
| | ڪيو. |
| وَاَوۡحَيۡنَآ اِلٰى مُوۡسٰٓى اَنۡ اَلۡقِ عَصَاكَ‌ۚ فَاِذَا هِىَ تَلۡقَفُ مَا يَاۡفِكُوۡنَ‌ۚ‏ ﴿۱۱۷﴾ | ١١٨. ۽ اسان موسيٰ تي وحي ڪئي تہ تون پنهنجي لٺ ڦٽي ڪر (جڏهين انهيءَ ائين ڪيو) تہ (اوچتو ائين معلوم ٿيو تہ) هو جادوگرن جي فريب کي ڳهندي ٿي وئي. |
| فَوَقَعَ الۡحَـقُّ وَبَطَلَ مَا كَانُوۡا يَعۡمَلُوۡنَ‌ۚ‏ ﴿۱۱۸﴾ | ١١٩. پوءِ حق ظاهر ٿي ويو ۽ جيڪي ڪجهہ انهن جادوگرن ڪيو ٿي اهو نابود ٿي ويو. |
| فَغُلِبُوۡا هُنَالِكَ وَانۡقَلَبُوۡا صٰغِرِيۡنَ‌ۚ‏ ﴿۱۱۹﴾ | ١٢٠. تڏهين اهي (جادوگر) مغلوب ٿي ويا ۽ ذليل ٿي ويا. |
| وَاُلۡقِىَ السَّحَرَةُ سٰجِدِيۡنَ‌ۖ‌ۚ‏ ﴿۱۲۰﴾ | ١٢١. ۽ اهي (جادوگر) فرمانبرداري ڪندي سجدي ۾ ڪري پيا. |
| قَالُوۡۤا اٰمَنَّا بِرَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَۙ‏ ﴿۱۲۱﴾ | ١٢٢. ۽ چوڻ لڳا اسان سڀني جهانن جي رب تي ايمان آڻيون ٿا. |
| رَبِّ مُوۡسٰى وَهٰرُوۡنَ‏ ﴿۱۲۲﴾ | ١٢٣. (جيڪو) موسيٰ ۽ هارون جو رب (آهي). |
| قَالَ فِرۡعَوۡنُ اٰمَنۡتُمۡ بِهٖ قَبۡلَ اَنۡ اٰذَنَ لَـكُمۡ‌ۚ اِنَّ هٰذَا لَمَكۡرٌ مَّكَرۡتُمُوۡهُ فِى الۡمَدِيۡنَةِ لِتُخۡرِجُوۡا مِنۡهَاۤ اَهۡلَهَا‌ۚ فَسَوۡفَ تَعۡلَمُوۡنَ‏ ﴿۱۲۳﴾ | ١٢٤. فرعون چيو ڇا توهان هن تي ايمان آندو ان کان اڳ جو مان توهان کي اجازت ڏيان (معلوم ٿئي ٿو) هيءَ هڪ تدبير آهي جا توهان سڀني ملي شهر ۾ ڪئي آهي انهيءَ لاءِ تہ انهيءَ مان انهيءَ جي رهاڪن کي ڪڍي ڇڏيو پوءِ جلد ئي توهانکي (انهيءَ جو نتيجو) معلوم ٿي ويندو. |
| لَاُقَطِّعَنَّ اَيۡدِيَكُمۡ وَاَرۡجُلَكُمۡ مِّنۡ خِلَافٍ ثُمَّ لَاُصَلِّبَنَّكُمۡ اَجۡمَعِيۡنَ‏ ﴿۱۲۴﴾ | ١٢٥. مان توهانجي هٿن ۽ توهانجي پيرن کي (پنهنجي) خلاف ورزي جي سبب ڪپي ڇڏيندس پوءِ توهان سڀني کي صليب تي لٽڪائيندس. |
| قَالُوۡۤا اِنَّاۤ اِلٰى رَبِّنَا مُنۡقَلِبُوۡنَ‌ۚ‏ ﴿۱۲۵﴾ | ١٢٦. انهن چيو (پوءِ ڇا ٿيندو) اسان تہ پنهنجي رب جي طرف ئي موٽي وڃڻ وارا |

وَ مَا تَنۡقِمُ مِنَّاۤ اِلَّاۤ اَنۡ اٰمَنَّا بِاٰيٰتِ رَبِّنَا لَمَّا جَآءَتۡنَا ؕ
رَبَّنَاۤ اَفۡرِغۡ عَلَيۡنَا صَبۡرًا وَّ تَوَفَّنَا مُسۡلِمِيۡنَ ﴿١٢٧﴾ ع ١٤ ع ١٨ ٤

آهيون.

١٢٧- ۽ تون اسان سان صرف هڪ ڳالهہ تان ڪاوڙيو آهين تہ اسان پنهنجي رب جي نشانين تي جڏهين اهي اسانوٽ آيون, ايمان آندو آهي (۽ اسان دعا ڪيون ٿا تہ) اي اسانجا رب! اسانتي صبر نازل ڪر ۽ اسانکي مسلمان هئڻ جي حالت ۾ وفات ڏي.

وَ قَالَ الۡمَلَاُ مِنۡ قَوۡمِ فِرۡعَوۡنَ اَتَذَرُ مُوۡسٰى وَ قَوۡمَهٗ لِيُفۡسِدُوۡا فِى الۡاَرۡضِ وَ يَذَرَكَ وَ اٰلِهَتَكَ ؕ قَالَ سَنُقَتِّلُ اَبۡنَآءَهُمۡ وَ نَسۡتَحۡىٖ نِسَآءَهُمۡ ۚ وَ اِنَّا فَوۡقَهُمۡ قٰهِرُوۡنَ ﴿١٢٨﴾

١٢٨- ۽ فرعون جي قوم مان (ڪن) سردارن چيو تہ ڇا تون موسيٰ ۽ انهيءَ جي قوم کي (آزاد) ڇڏي ڏنو آهي تہ اسانجي ملڪ ۾ فساد ڪن ۽ توکي ۽ تنهنجي معبودن کي ڇڏي ڏين. انهيءَ (فرعون) چيو اسان ضرور انهن جي پٽن کي قتل ڪنداسين ۽ انهن جي عورتن کي زندهہ رکنداسين ۽ اسان انهن تي غالب آهيون.

قَالَ مُوۡسٰى لِقَوۡمِهِ اسۡتَعِيۡنُوۡا بِاللّٰهِ وَ اصۡبِرُوۡا ۚ اِنَّ الۡاَرۡضَ لِلّٰهِ ۟ۙ يُوۡرِثُهَا مَنۡ يَّشَآءُ مِنۡ عِبَادِهٖ ؕ وَ الۡعَاقِبَةُ لِلۡمُتَّقِيۡنَ ﴿١٢٩﴾

١٢٩- (انهيءَ تي) موسيٰ پنهنجي قوم کي چيو الله کان مدد گهرندا رهو ۽ صبر کان ڪم وٺو ملڪ تہ الله جو آهي, پنهنجن ٻانهن مان جنهنکي چاهي ٿو انهيءَ جو وارث ڪري ڇڏي ٿو ۽ (سٺي) پڇاڙي متقين جي ئي هٿ ۾ رهندي آهي.

قَالُوۡۤا اُوۡذِيۡنَا مِنۡ قَبۡلِ اَنۡ تَاۡتِيَنَا وَ مِنۡۢ بَعۡدِ مَا جِئۡتَنَا ؕ قَالَ عَسٰى رَبُّكُمۡ اَنۡ يُّهۡلِكَ عَدُوَّكُمۡ وَ يَسۡتَخۡلِفَكُمۡ فِى الۡاَرۡضِ فَيَنۡظُرَ كَيۡفَ تَعۡمَلُوۡنَ ﴿١٣٠﴾ ع ١٩ ٥

١٣٠- انهن (يعني موسيٰ جي قوم جي ماڻهن) چيو, تنهنجي اچڻ کان پهريائين بہ اسان کي تڪليف ڏني ويندي هئي ۽ جڏهن تون اسان وٽ آيو آهين انهيءَ وقت بہ اسان کي تڪليف ڏني وڃي ٿي. انهيءَ (موسيٰ) جواب ڏنو تہ ويجهو آهي جو توهانجو رب توهان جي دشمن کي تباهہ ڪري ڇڏي ۽ ملڪ ۾ توهان کي پنهنجو جاءِ نشين بنائي ڇڏي ۽ پوءِ ڏسي تہ توهان ڪهڙا ڪم ڪيو ٿا.

وَلَقَدْ أَخَذْنَا آلَ فِرْعَوْنَ بِالسِّنِينَ وَنَقْصٍ مِّنَ الثَّمَرَاتِ لَعَلَّهُمْ يَذَّكَّرُونَ ﴿١٣٠﴾

١٣١. ۽ اسان آل فرعون کي (مصيبت وارن) سالن ۽ ميون جي پيداوار جي گھٽتائيءَ (۽ اولاد جي مري وڃڻ) سان پڪڙيو انهيءَ لاءِ ته اهي نصيحت حاصل ڪن.

فَإِذَا جَاءَتْهُمُ الْحَسَنَةُ قَالُوا لَنَا هَٰذِهِ ۖ وَإِن تُصِبْهُمْ سَيِّئَةٌ يَطَّيَّرُوا بِمُوسَىٰ وَمَن مَّعَهُ ۗ أَلَا إِنَّمَا طَائِرُهُمْ عِندَ اللَّهِ وَلَٰكِنَّ أَكْثَرَهُمْ لَا يَعْلَمُونَ ﴿١٣١﴾

١٣٢. پوءِ جڏهين انهيءَ تي خوشحاليءَ جو زمانو آيو ٿي ته اهي چوندا هئا ته هيءَ ته اسانجو حق آهي ۽ جيڪڏهن انهن تي مصيبت جو زمانو ايندو هو ته موسيٰ ۽ انهيءَ جي سائين جي نحوست جو نتيجو سمجهندا ها. خبردار انهن جي نحوست (جو سامان) الله وٽ محفوظ آهي پر انهن مان گھڻا سمجهن نٿا.

وَقَالُوا مَهْمَا تَأْتِنَا بِهِ مِنْ آيَةٍ لِّتَسْحَرَنَا بِهَا فَمَا نَحْنُ لَكَ بِمُؤْمِنِينَ ﴿١٣٢﴾

١٣٣. ۽ انهن ماڻهن چيو جڏهين به ڪو نشان تون اسان وٽ آڻيندين انهيءَ لاءِ ته تون انهيءَ جي ذريعي اسانکي فريب ڏين ته اسان توتي هرگز ايمان نه آڻينداسين.

فَأَرْسَلْنَا عَلَيْهِمُ الطُّوفَانَ وَالْجَرَادَ وَالْقُمَّلَ وَالضَّفَادِعَ وَالدَّمَ آيَاتٍ مُّفَصَّلَاتٍ فَاسْتَكْبَرُوا وَكَانُوا قَوْمًا مُّجْرِمِينَ ﴿١٣٣﴾

١٣٤. تڏهين اسان انهن تي طوفان ۽ ماڪڙ ۽ جُون ۽ ڏيڏر ۽ رت موڪليو. (اهي) جدا جدا نشان (هئا) تڏهين به انهن تڪبر ڪيو ۽ اهي مجرم قوم بنجي ويا.

وَلَمَّا وَقَعَ عَلَيْهِمُ الرِّجْزُ قَالُوا يَا مُوسَى ادْعُ لَنَا رَبَّكَ بِمَا عَهِدَ عِندَكَ ۖ لَئِن كَشَفْتَ عَنَّا الرِّجْزَ لَنُؤْمِنَنَّ لَكَ وَلَنُرْسِلَنَّ مَعَكَ بَنِي إِسْرَائِيلَ ﴿١٣٤﴾

١٣٥. ۽ جڏهين (به) انهن تي عذاب نازل ٿيو ٿي ته اهي ماڻهو رڙيون ڪندي اٿيا ٿي ته اي موسيٰ! پنهنجي رب کي اهي سيئي وعدا ياد ڏياري پڪار جيڪي انهيءَ توسان ڪيا آهن جيڪڏهن تو اسان تان عذاب لاٿو ته اسين توتي ايمان آڻينداسين ۽ بني اسرائيل کي توسان گڏ موڪلينداسين.

فَلَمَّا كَشَفْنَا عَنْهُمُ الرِّجْزَ إِلَىٰ أَجَلٍ هُم بَالِغُوهُ إِذَا هُمْ يَنكُثُونَ ﴿١٣٥﴾

١٣٦. مگر جڏهن اسان انهيءَ وقت تائين انهن تان عذاب لاٿو جيڪو هنن لاءِ مقدر هو، ته هو هڪدم وعدي خلافي ڪرڻ لڳا.

فَانْتَقَمْنَا مِنْهُمْ فَاَغْرَقْنٰهُمْ فِي الْيَمِّ بِاَنَّهُمْ كَذَّبُوْا
بِاٰيٰتِنَا وَكَانُوْا عَنْهَا غٰفِلِيْنَ ۝

١٣٧ـ پوءِ اسان هنن کان (سندن شرارتن جو) بدلو ورتو ۽ انهنکي سمنڊ ۾ غرق ڪري ڇڏيو ڇو جو هو اسان جي آيتن کي ڪوڙو ڪندا هئا ۽ انهن سان غفلت جو ورتاءُ ڪندا هئا.

وَاَوْرَثْنَا الْقَوْمَ الَّذِيْنَ كَانُوْا يُسْتَضْعَفُوْنَ مَشَارِقَ
الْاَرْضِ وَمَغَارِبَهَا الَّتِيْ بٰرَكْنَا فِيْهَا ؕ وَتَمَّتْ
كَلِمَتُ رَبِّكَ الْحُسْنٰى عَلٰى بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ ۙ بِمَا صَبَرُوْا ؕ
وَدَمَّرْنَا مَا كَانَ يَصْنَعُ فِرْعَوْنُ وَقَوْمُهٗ وَمَا كَانُوْا
يَعْرِشُوْنَ ۝ ع ١٦

١٣٨ـ ۽ اسان انهيءَ قوم کي جنکي هو ضعيف سمجهندا هئا انهيءَ ملڪ جي اوڀر وارن حصن جو به ۽ اولهه وارن حصن جو به وارث بڻايو جنهن کي اسان برڪت ڏني هئي ۽ تنهنجي رب جو بني اسرائيل سان ڪيل سٺي ۾ سٺو ڪلام (يعني سٺي ۾ سٺو واعدو) پورو ٿي ويو. تنهن ڪري هنن (ظلمن تي) صبر ڪيو ۽ فرعون ۽ سندس قوم کي جيڪي ڪجهه ٺاهي رهيا هئا ۽ جيڪي اوچيون جايون ٺاهي رهيا هئا تن سڀني کي اسان ڀڃي ڇڏيو.

وَجٰوَزْنَا بِبَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ الْبَحْرَ فَاَتَوْا عَلٰى قَوْمٍ
يَّعْكُفُوْنَ عَلٰٓى اَصْنَامٍ لَّهُمْ ۚ قَالُوْا يٰمُوْسَى اجْعَلْ
لَّنَآ اِلٰهًا كَمَا لَهُمْ اٰلِهَةٌ ؕ قَالَ اِنَّكُمْ قَوْمٌ تَجْهَلُوْنَ ۝

١٣٩ـ ۽ اسان بني اسرائيل کي سمنڊ پار اڪاري ڇڏيو ايستائين جو هو (هلندي هلندي) هڪ اهڙيءَ قوم وٽ پهتا جيڪا پنهنجي بتن اڳيان عبادت ۾ مشغول هئي (تڏهن) انهن چيو. اي موسيٰ! اسان لاءِ به ڪجهه اهڙا معبود بڻاءِ جهڙا انهن جا معبود آهن. (موسيٰ) چيو توهين ته هڪ جاهل قوم آهيو.

اِنَّ هٰٓؤُلَآءِ مُتَبَّرٌ مَّا هُمْ فِيْهِ وَبٰطِلٌ مَّا كَانُوْا
يَعْمَلُوْنَ ۝

١٤٠ـ جنهن ڪم ۾ اهي لڳل آهن سو ته يقينن تباهه ٿيڻ وارو آهي ۽ جيڪي ڪجهه هو ڪري رهيا آهن سڀ بي ڪار ويندو.

قَالَ اَغَيْرَ اللّٰهِ اَبْغِيْكُمْ اِلٰهًا وَّهُوَ فَضَّلَكُمْ عَلَى
الْعٰلَمِيْنَ ۝

١٤١ـ (پوءِ) چيائين. ڇا مان الله کان سواءِ توهان جي لاءِ معبود تلاش ڪيان حالانڪ هن توهان کي سڀني جهانن تي فضيلت ڏني آهي.

وَاِذْ اَنْجَيْنٰكُمْ مِّنْ اٰلِ فِرْعَوْنَ يَسُوْمُوْنَكُمْ سُوْٓءَ
الْعَذَابِ ۚ يُقَتِّلُوْنَ اَبْنَآءَكُمْ وَيَسْتَحْيُوْنَ نِسَآءَكُمْ ۭ
وَفِيْ ذٰلِكُمْ بَلَاۗءٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ عَظِيْمٌ ۝ ع

١٤٢۔ ۽ (ياد ڪيو) جڏهن اسان توهان کي آل فرعون کان نجات ڏني جيڪي توهان کي تڪليف ڏيندڙ عذاب پهچائيندا هئا. توهان جي پٽن کي قتل ڪندا هئا ۽ توهان جي عورتن کي زنده رکندا هئا ۽ انهيءَ ۾ توهان جي رب جي طرفان وڏو امتحان هو.

وَوٰعَدْنَا مُوْسٰى ثَلٰثِيْنَ لَيْلَةً وَّاَتْمَمْنٰهَا بِعَشْرٍ
فَتَمَّ مِيْقَاتُ رَبِّهٖٓ اَرْبَعِيْنَ لَيْلَةً ۚ وَقَالَ مُوْسٰى
لِاَخِيْهِ هٰرُوْنَ اخْلُفْنِيْ فِيْ قَوْمِيْ وَاَصْلِحْ وَلَا تَتَّبِعْ
سَبِيْلَ الْمُفْسِدِيْنَ ۝

١٤٣۔ ۽ اسان موسيٰ سان ٽيهه راتين جو واعدو ڪيو پوءِ انهن (ٽيهه راتين) ۾ ڏهه ٻيون ملائي مڪمل ڪري ڇڏيو. اهڙيءَ طرح انهيءَ جي رب جو مقرر ڪيل واعدو چاليهن راتين جي صورت ۾ پورو ٿي ويو ۽ موسيٰ پنهنجي ڀاءُ هارون کي چيو (مون کان پوءِ) منهن جي قوم ۾ منهنجي نمائندگي ڪر ۽ انهن جي اصلاح کي مد نظر رک ۽ فساد ڪرڻ وارن جو رستو اختيار نه ڪر.

وَلَمَّا جَآءَ مُوْسٰى لِمِيْقَاتِنَا وَكَلَّمَهٗ رَبُّهٗ ۙ قَالَ رَبِّ
اَرِنِيْٓ اَنْظُرْ اِلَيْكَ ۭ قَالَ لَنْ تَرٰىنِيْ وَلٰكِنِ انْظُرْ
اِلَى الْجَبَلِ فَاِنِ اسْتَقَرَّ مَكَانَهٗ فَسَوْفَ تَرٰىنِيْ ۚ فَلَمَّا
تَجَلّٰى رَبُّهٗ لِلْجَبَلِ جَعَلَهٗ دَكًّا وَّخَرَّ مُوْسٰى صَعِقًا ۚ
فَلَمَّآ اَفَاقَ قَالَ سُبْحٰنَكَ تُبْتُ اِلَيْكَ وَاَنَا اَوَّلُ
الْمُؤْمِنِيْنَ ۝

١٤٤۔ ۽ جڏهن موسيٰ اسان جي مقرر ڪيل وقت جي مطابق مقرر ڪيل جاءِ تي اچي ويو ۽ سندس رب انهيءَ سان ڪلام ڪيو ته (موسيٰ) چيو اي منهنجا رب! (پنهنجو وجود) مونکي ڏيکار انهيءَ لاءِ ته مان توکي ڏسان. انهيءَ جواب ڏنو ته تون مونکي هرگز نه ڏسي سگهندين پر پهاڙ جي طرف ڏس جيڪڏهين اهو پنهنجي جاءِ تي قائم رهيو ته تون مون کي ڏسي وٺندين. پوءِ جڏهين انهيءَ (موسيٰ) جي رب پهاڙ تي پنهنجو تجلو ڏيکاريو ته انهيءَ کي ٽڪر ٽڪر ڪري ڇڏيائين ۽ موسيٰ بي هوش ٿي ڪري پيو. پوءِ جڏهين انهيءَ کي هوش آيو

تہ انهيءَ چيو (اي رب !) تون هر عيب کان پاڪ آهين. مان تو ڏانهن ٿي جهڪان ٿو ۽ مان (هن زماني ۾) سڀني ايمان آڻڻ وارن کان پهرئين درجي تي آهيان.

قَالَ يٰمُوْسٰٓى اِنِّى اصْطَفَيْتُكَ عَلَى النَّاسِ بِرِسٰلٰتِىْ وَبِكَلَامِىْ ۖ فَخُذْ مَآ اٰتَيْتُكَ وَكُنْ مِّنَ الشّٰكِرِيْنَ

١٤٥ـ (خدا جواب ۾) چيو اي موسيٰ ! مون توکي (هن زماني جي) سڀني انسانن تي پنهنجي رسالت ۽ پنهنجي ڪلام جي ذريعي برتري بخشي آهي. پوءِ جو ڪجهہ مون توکي ڏنو آهي انهيءَ کي مضبوطيءَ سان قابو ڪر ۽ شڪر گذار ٻانهن ۾ شامل ٿي وڃ.

وَكَتَبْنَا لَهٗ فِى الْاَلْوَاحِ مِنْ كُلِّ شَىْءٍ مَّوْعِظَةً وَّتَفْصِيْلًا لِّكُلِّ شَىْءٍ ۚ فَخُذْهَا بِقُوَّةٍ وَّاْمُرْ قَوْمَكَ يَاْخُذُوْا بِاَحْسَنِهَا ۚ سَاُورِيْكُمْ دَارَ الْفٰسِقِيْنَ

١٤٦ـ ۽ اسان انهيءَ لاءِ ڪجهہ تختين ۾ پنهنجا اهڙا احڪام لکيا جيڪي هر قسم جي نصيحت تي مشتمل هئا ۽ جن ۾ (هن زماني جي لاءِ) هر ڪنهن ضروري شيءَ جو تفصيل موجود هو (۽ پوءِ اسان انهيءَ کي چيو تہ) انهن احڪامن کي مضبوطيءَ سان قابو ڪر ۽ پنهنجي قوم کي بہ چئو تہ اهي انهيءَ جي اعليٰ ڳالهين کي مضبوطيءَ سان قابو ڪن. مان جلد ئي توهان کي بدڪارن جو گهر ڏيکاريندس.

سَاَصْرِفُ عَنْ اٰيٰتِىَ الَّذِيْنَ يَتَكَبَّرُوْنَ فِى الْاَرْضِ بِغَيْرِ الْحَقِّ ۚ وَاِنْ يَّرَوْا كُلَّ اٰيَةٍ لَّا يُؤْمِنُوْا بِهَا ۚ وَاِنْ يَّرَوْا سَبِيْلَ الرُّشْدِ لَا يَتَّخِذُوْهُ سَبِيْلًا ۚ وَاِنْ يَّرَوْا سَبِيْلَ الْغَىِّ يَتَّخِذُوْهُ سَبِيْلًا ۚ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا وَكَانُوْا عَنْهَا غٰفِلِيْنَ

١٤٧ـ مان جلد ئي انهن ماڻهن کي جن بغير ڪنهن حق جي دنيا ۾ تڪبر ڪيو آهي پنهنجي نشانين کان (محروم ڪري) پري ڪري ڇڏيندس ۽ جيڪڏهين اهي هر (ممڪن) نشان بہ ڏسي وٺن تہ بہ انهن آيتن تي ايمان نہ آڻيندا ۽ جيڪڏهين اهي سڌو رستو ڏسي بہ وٺن تہ انهيءَ کي ڪڏهين بہ پنهنجو نہ بڻائيندا ۽ جي ڪڏهين اهي گمراهيءَ جو رستو ڏسن تہ

وحيءَ جون تختيون زمين تي رکي ڇڏيون ۽ پنهنجي ڀاءُ جي مٿي جي وارن کان جهلي پنهنجي طرف گهلڻ شروع ڪيو (انهيءَ تي) انهيءَ چيو اي منهن جي ماءُ جا پٽ ! قوم مونکي ڪمزور ڄاتو ۽ زري گهٽ مونکي قتل ڪرڻ وارا هئا. پوءِ دشمنن کي مونتي کل جو موقعو نه ڏي ۽ مونکي ظالم ماڻهن ۾ شمار نه ڪر.

قَالَ رَبِّ اغْفِرْ لِي وَلِأَخِي وَأَدْخِلْنَا فِي رَحْمَتِكَ ۖ وَأَنتَ أَرْحَمُ الرَّاحِمِينَ ۝

عٛ ٨

١٥٢- (اهو ٻڌي موسيٰ) چيو اي منهنجا رب ! مونکي ۽ منهنجي ڀاءُ کي معاف ڪر ۽ اسان ٻنهي کي پنهنجي رحمت ۾ داخل ڪر ۽ تون رحم ڪرڻ وارن ۾ سڀني کان وڌو آهين.

إِنَّ الَّذِينَ اتَّخَذُوا الْعِجْلَ سَيَنَالُهُمْ غَضَبٌ مِّن رَّبِّهِمْ وَذِلَّةٌ فِي الْحَيَاةِ الدُّنْيَا ۚ وَكَذَٰلِكَ نَجْزِي الْمُفْتَرِينَ ۝

١٥٣- (انهيءَ تي الله فرمايو ته) اهي ماڻهو جن ڳابي کي (عبادت جي لاءِ) چونڊيو انهن تي انهنجي رب جي طرفان غضب نازل ٿيندو ۽ اهڙيءَ طرح دنيوي ذلت به ۽ ڪوڙ ٻڌڻ وارن کي اهڙي ئي سزا ڏيندا آهيون.

وَالَّذِينَ عَمِلُوا السَّيِّئَاتِ ثُمَّ تَابُوا مِن بَعْدِهَا وَآمَنُوا إِنَّ رَبَّكَ مِن بَعْدِهَا لَغَفُورٌ رَّحِيمٌ ۝

١٥٤- ۽ اهي ماڻهو جن برا ڪم ڪيا پوءِ (انهن کي ڇڏي) خدا جي طرف موٽيا. ۽ انهيءَ تي ايمان آندائون. تنهنجو رب يقيناً انهيءَ (توبه) کانپوءِ ڏاڍو بخشڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو ثابت ٿيندو.

وَلَمَّا سَكَتَ عَن مُّوسَى الْغَضَبُ أَخَذَ الْأَلْوَاحَ ۖ وَفِي نُسْخَتِهَا هُدًى وَرَحْمَةٌ لِّلَّذِينَ هُمْ لِرَبِّهِمْ يَرْهَبُونَ ۝

١٥٥- ۽ جڏهن موسيٰ جو غضب ٿورو ٿڌو ٿيو ته انهيءَ (اهي) تختيون (جنتي احڪام الاهي لکيل هئا وري) کڻي ورتيون ۽ انهن لاءِ جيڪي پنهنجي رب کان ڊڄن ٿا انهن (تختين) جي تحرير ۾ رحمت ۽ هدايت موجود هئي.

وَاخْتَارَ مُوسَىٰ قَوْمَهُ سَبْعِينَ رَجُلًا لِّمِيقَاتِنَا ۖ فَلَمَّا

١٥٦- ۽ موسيٰ پنهنجي قوم مان ستر ماڻهن کي اسانجي واعدي جي مقام تي آڻڻ لاءِ

اَخَذَتۡهُمُ الرَّجۡفَةُ قَالَ رَبِّ لَوۡ شِئۡتَ اَهۡلَكۡتَهُمۡ مِّنۡ
قَبۡلُ وَاِيَّایَ ؕ اَتُهۡلِكُنَا بِمَا فَعَلَ السُّفَهَآءُ مِنَّا ۚ
اِنۡ هِىَ اِلَّا فِتۡنَتُكَ ؕ تُضِلُّ بِهَا مَنۡ تَشَآءُ وَتَهۡدِىۡ
مَنۡ تَشَآءُ ؕ اَنۡتَ وَلِيُّنَا فَاغۡفِرۡ لَنَا وَارۡحَمۡنَا وَاَنۡتَ
خَيۡرُ الۡغٰفِرِيۡنَ ﴿١٥٥﴾

چونديو. پوءِ جڏهين انهن تي زلزلو آيو تہ انهيءَ چيو اي منهنجا رب ! جيڪڏهين تون چاهين ها تہ انهنکي بہ ۽ مونکي بہ پهريائين ماري ڇڏين ها. ڇا تون اسانکي بي وقوفن جي بيوقوفيءَ جي فعل جي سزا ۾ مارڻ چاهين ٿو ؟ هي (جيڪي ڪجهہ ٿيو) صرف تنهنجي هڪ آزمائش هئي تون انهن (آزمائشن) جي ذريعي جنکي چاهينٿو، گمراهہ قرار ڏين ٿو. ۽ جنکي چاهينٿو هدايت ڏين ٿو تون اسانجو سنڀاليندڙ ۽ دوست آهين. پوءِ اسان کي بخشي ڇڏ ۽ اسانتي رحم ڪر ۽ تون بخشڻ وارن ۾ سڀني کان بهتر آهين.

وَاكۡتُبۡ لَنَا فِىۡ هٰذِهِ الدُّنۡيَا حَسَنَةً وَّفِى الۡاٰخِرَةِ
اِنَّا هُدۡنَاۤ اِلَيۡكَ ؕ قَالَ عَذَابِىۡۤ اُصِيۡبُ بِهٖ مَنۡ اَشَآءُ ۚ
وَرَحۡمَتِىۡ وَسِعَتۡ كُلَّ شَىۡءٍ ؕ فَسَاَكۡتُبُهَا لِلَّذِيۡنَ يَتَّقُوۡنَ
وَيُؤۡتُوۡنَ الزَّكٰوةَ وَالَّذِيۡنَ هُمۡ بِاٰيٰتِنَا يُؤۡمِنُوۡنَ ﴿١٥٦﴾

١٥٧ـ ۽ تون اسانجي لاءِ هن دنيا ۾ بہ نيڪي لک ۽ آخري زندگيءَ ۾ بہ (نيڪي لک) اسان تہ تنهنجي طرف اچي ويا آهيون. (انهيءَ تي الله تعاليٰ) فرمايو مان پنهنجو عذاب جنهنکي چاهيان ٿو پهچايان ٿو (يعني مستحق کي) ۽ منهنجي رحمت هر هڪ شيءِ تي حاوي آهي. پوءِ مان ضرور انهيءَ کي انهن ماڻهن لاءِ لکندس جيڪي تقويٰ اختيار ڪن ٿا ۽ زڪوات ڏين ٿا ۽ جيڪي ماڻهو اسانجي آيتن تي ايمان آڻين ٿا.

اَلَّذِيۡنَ يَتَّبِعُوۡنَ الرَّسُوۡلَ النَّبِىَّ الۡاُمِّىَّ الَّذِىۡ يَجِدُوۡنَهٗ
مَكۡتُوۡبًا عِنۡدَهُمۡ فِى التَّوۡرٰٮةِ وَالۡاِنۡجِيۡلِ يَاۡمُرُهُمۡ
بِالۡمَعۡرُوۡفِ وَيَنۡهٰٮهُمۡ عَنِ الۡمُنۡكَرِ وَيُحِلُّ لَهُمُ الطَّيِّبٰتِ
وَيُحَرِّمُ عَلَيۡهِمُ الۡخَبٰۤئِثَ وَيَضَعُ عَنۡهُمۡ اِصۡرَهُمۡ
وَالۡاَغۡلٰلَ الَّتِىۡ كَانَتۡ عَلَيۡهِمۡ ؕ فَالَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا بِهٖ وَ
عَزَّرُوۡهُ وَنَصَرُوۡهُ وَاتَّبَعُوا النُّوۡرَ الَّذِىۡۤ اُنۡزِلَ مَعَهٗۤ ۙ

١٥٨ـ اهي (ماڻهو) جيڪي اسانجي هن رسول جي تابعداري ڪن ٿا جيڪو نبي آهي ۽ امي آهي جنهنجو ذڪر توريت ۽ انجيل ۾ انهن وٽ لکيل موجود آهي اهو انهن کي نيڪ ڳالهين جو حڪم ڏيئي ٿو ۽ برين ڳالهين کان روڪي ٿو ۽ سڀ پاڪ شيون انهن لاءِ حلال ڪريٿو ۽ سڀ بريون شيون انهنتي حرام ڪري ٿو ۽

أُولَٰئِكَ هُمُ الْمُفْلِحُونَ ﴿١٥٧﴾ ع ١٩

انهن جو بار (جيڪو انهن تي لڏيل هو) ۽ ڳٽ جيڪي انهنجي ڳچين ۾ پيل هئا اهو انهن کان پري ڪري ٿو. پوءِ اهي ماڻهو جن انهيءَ تي ايمان آندو ۽ انهيءَ کي طاقت پهچائي ۽ انهيءَ کي مدد ڏني ۽ انهيءَ نور جي پٺيان لڳي پيا جيڪو انهيءَ سان گڏ لاٿو ويو هو، اهي ئي ماڻهو با مراد هوندا.

قُلْ يَا أَيُّهَا النَّاسُ إِنِّي رَسُولُ اللَّهِ إِلَيْكُمْ جَمِيعًا الَّذِي لَهُ مُلْكُ السَّمَاوَاتِ وَالْأَرْضِ ۖ لَا إِلَٰهَ إِلَّا هُوَ يُحْيِي وَيُمِيتُ ۖ فَآمِنُوا بِاللَّهِ وَرَسُولِهِ النَّبِيِّ الْأُمِّيِّ الَّذِي يُؤْمِنُ بِاللَّهِ وَكَلِمَاتِهِ وَاتَّبِعُوهُ لَعَلَّكُمْ تَهْتَدُونَ ﴿١٥٨﴾

١٥٩. چؤ (تہ) اي انسانو ! مان توهان سڀني ڏانهن الله جو رسول آهيان جنهنکي آسمانن ۽ زمين جي بادشاهت حاصل آهي. انهيءَ کانسواءِ ڪوبہ معبود ڪونهي هو زندهہ بہ ڪريٿو ۽ ماري بہ ٿو پوءِ الله تي ۽ انهيءَ جي رسول تي ايمان آڻيو. جيڪو نبي بہ آهي ۽ امي بہ آهي (۽) جيڪو ايمان آڻي ٿو الله تي ۽ انهيءَ جي ڪلمن تي ۽ انهيءَ جي پيروي ڪيو انهيءَ لاءِ تہ توهان هدايت حاصل ڪيو.

وَمِنْ قَوْمِ مُوسَىٰ أُمَّةٌ يَهْدُونَ بِالْحَقِّ وَبِهِ يَعْدِلُونَ ﴿١٥٩﴾

١٦٠. ۽ موسىٰ جي قوم مان هڪ جماعت اهڙي بہ آهي، جيڪي حق جي ذريعي هدايت حاصل ڪري رهيا آهن ۽ انهيءَ جي ذريعي سان (دنيا ۾) انصاف ڪري رهيا آهن.

وَقَطَّعْنَاهُمُ اثْنَتَيْ عَشْرَةَ أَسْبَاطًا أُمَمًا ۚ وَأَوْحَيْنَا إِلَىٰ مُوسَىٰ إِذِ اسْتَسْقَاهُ قَوْمُهُ أَنِ اضْرِبْ بِعَصَاكَ الْحَجَرَ ۖ فَانْبَجَسَتْ مِنْهُ اثْنَتَا عَشْرَةَ عَيْنًا ۖ قَدْ عَلِمَ كُلُّ أُنَاسٍ مَشْرَبَهُمْ ۚ وَظَلَّلْنَا عَلَيْهِمُ الْغَمَامَ وَأَنْزَلْنَا عَلَيْهِمُ الْمَنَّ وَالسَّلْوَىٰ ۖ كُلُوا مِنْ طَيِّبَاتِ مَا رَزَقْنَاكُمْ ۚ وَمَا ظَلَمُونَا وَلَٰكِنْ كَانُوا أَنْفُسَهُمْ يَظْلِمُونَ ﴿١٦٠﴾

١٦١. ۽ اسان انهنکي ٻارهن قبيلن ۾ تقسيم ڪري ڇڏيو (جيڪي هاڻي ترقي ڪري قومون بنجي ويا آهن) ۽ اسان موسىٰ جي طرف جڏهن انهيءَ کان سندس قوم پاڻي گهريو، وحي ڪئي تہ (وڃ ۽) پنهنجي لٺ (فلاڻي) پٿر تي هڻ. (جڏهن انهيءَ ائين ڪيو) تڏهين انهيءَ مان ٻارهن چشما ڦٽي پيا. هر قوم پنهنجو پنهنجو گهاٽ ڄاڻي ورتو ۽ اسان انهنتي ڪڪر جي ڇانو ڪئي ۽

اسان انهن لاءِ ترنجبين ۽ ٻٽير پيدا ڪيا (۽ چيو) تہ جيڪي ڪجهہ اسان ڏنو آهي (انهيءَ مان) پاڪ شيون کائو ۽ انهن اسان تي ظلم نہ ڪيو پر پنهنجي جانين تي ظلم ڪري رهيا هئا. ٠

وَاِذْ قِيْلَ لَهُمُ اسْكُنُوْا هٰذِهِ الْقَرْيَةَ وَكُلُوْا مِنْهَا حَيْثُ شِئْتُمْ وَقُوْلُوْا حِطَّةٌ وَّادْخُلُوا الْبَابَ سُجَّدًا نَّغْفِرْ لَكُمْ خَطِيْٓـٰٔتِكُمْ ۭ سَنَزِيْدُ الْمُحْسِنِيْنَ ۝

١٦٢- ۽ (ياد ڪيو) جڏهين انهيءَ (بني اسرائيل) کي چيو ويو تہ هن علائقي ۾ رهو ۽ انهيءَ مان جتان وڻيو کائو ۽ (وات سان) چوندا وڃو (تہ اسان) بار هلڪي ڪرڻ جي التجا (ڪيون ٿا) ۽ انهيءَ (سامهون واري شهر جي) دروازي ۾ فرمانبرداري ڪندي داخل ٿي وڃو. تڏهين اسان توهانجون خطائون معاف ڪري ڇڏينداسين ۽ پوريءَ طرح فرمانبرداري ڪرڻ وارن کي ٻيا بہ انعام ڏينداسين.

فَبَدَّلَ الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا مِنْهُمْ قَوْلًا غَيْرَ الَّذِيْ قِيْلَ لَهُمْ فَاَرْسَلْنَا عَلَيْهِمْ رِجْزًا مِّنَ السَّمَاۗءِ بِمَا كَانُوْا يَظْلِمُوْنَ ۝ ع ٢٠

١٦٣- انهيءَ تي بني اسرائيل مان ظلم جي مرتڪب ماڻهن انهيءَ قول کي بدلائي جيڪو انهنکي چيو ويو هو، هڪ ٻي ڳالهہ چوڻ شروع ڪري ڇڏي. تڏهين اسان انهن تي انهن جي ظلمن جي سببان آسمان مان عذاب لاٿو.

وقف لازم — النصف — معانقة

وَسْــَٔـلْهُمْ عَنِ الْقَرْيَةِ الَّتِيْ كَانَتْ حَاضِرَةَ الْبَحْرِ ۘ اِذْ يَعْدُوْنَ فِي السَّبْتِ اِذْ تَاْتِيْهِمْ حِيْتَانُهُمْ يَوْمَ سَبْتِهِمْ شُرَّعًا وَّيَوْمَ لَا يَسْبِتُوْنَ ۙ لَا تَاْتِيْهِمْ ۚ كَذٰلِكَ ۚ نَبْلُوْهُمْ بِمَا كَانُوْا يَفْسُقُوْنَ ۝

١٦٤- ۽ (اي رسول!) انهن (بني اسرائيل) کان انهيءَ بستيءَ جي متعلق پڇ جيڪا سمنڊ جي ڪناري تي هئي جڏهين تہ اهي (يهودي) سبت جي حڪم ۾ زيادتيءَ کان ڪم وٺندا هئا. جڏهين تہ انهن جون مڇيون انهن جي سبت جي ڏينهن ٽولا ٽولا ٿي ايندڀون هيون ۽ جنهن ڏينهن اهي سبت نہ ڪندا هئا نہ ايندڀون هيون. اهڙيءَ طرح اسان انهنجي نافرمانين جي سببان انهن جو امتحان وٺندا هئاسين.

دُوْنَ ذٰلِكَ وَبَلَوْنٰهُمْ بِالْحَسَنٰتِ وَالسَّيِّاٰتِ لَعَلَّهُمْ يَرْجِعُوْنَ ﴿١٦٩﴾

ڪجهہ نيڪ آهن ڪجهہ بد. ۽ اسان انهنکي سٺين حالتن ۽ برين حالتن سان پرکيندا رهون ٿا انهيءَ لاءِ تہ اهي (پنهنجي غلطين کان) باز اچي وڃن.

فَخَلَفَ مِنْۢ بَعْدِهِمْ خَلْفٌ وَّرِثُوا الْكِتٰبَ يَاْخُذُوْنَ عَرَضَ هٰذَا الْاَدْنٰى وَيَقُوْلُوْنَ سَيُغْفَرُ لَنَا ۚ وَاِنْ يَّاْتِهِمْ عَرَضٌ مِّثْلُهٗ يَاْخُذُوْهُ ؕ اَلَمْ يُؤْخَذْ عَلَيْهِمْ مِّيْثَاقُ الْكِتٰبِ اَنْ لَّا يَقُوْلُوْا عَلَى اللّٰهِ اِلَّا الْحَقَّ وَدَرَسُوْا مَا فِيْهِ ؕ وَالدَّارُ الْاٰخِرَةُ خَيْرٌ لِّلَّذِيْنَ يَتَّقُوْنَ ؕ اَفَلَا تَعْقِلُوْنَ ﴿١٧٠﴾

١٧٠- پر پوءِ بني اسرائيل کانپوءِ ڪجهہ بيا (بني اسرائيل) اٿيا آهن جيڪي (بظاهر) ڪتاب موسيٰ جا وارث آهن پر (در حقيقت) هن نيچ دنيا جو مال حاصل ڪندا رهن ٿا ۽ (ماڻهن کي) چون ٿا الله ضرور اسانکي بخشي ڇڏيندو ۽ جيڪڏهين انهن وٽ اهڙوني ڪو بيو مال اچي وڃي تہ انکي بہ وٺڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. ڇا انهن کان (موسيٰ جي) ڪتاب ۾ اهو واعدو نہ ورتو ويو هو تہ الله جي متعلق صرف سچ ڳالهائيندا ڪن ۽ جيڪي ڪجهہ انهيءَ ڪتاب ۾ آهي اهو انهن پڙهي ورتو آهي ۽ (هيءَ ڄاڻن ٿا) تہ آخرت جو گهر متقين لاءِ سٺو آهي. ڇا توهين (هيءَ ڳالهہ) سمجهو نہ ٿا؟.

وَالَّذِيْنَ يُمَسِّكُوْنَ بِالْكِتٰبِ وَاَقَامُوا الصَّلٰوةَ ؕ اِنَّا لَا نُضِيْعُ اَجْرَ الْمُصْلِحِيْنَ ﴿١٧١﴾

١٧١- ۽ جيڪي ماڻهون (موسيٰ جي) ڪتاب کي مضبوطيءَ سان جهليو وينا آهن ۽ انهن نماز کي قائم رکيو آهي اسان اهڙن مصلحين جي اجر کي ضايع نہ ڪنداسين.

وَاِذْ نَتَقْنَا الْجَبَلَ فَوْقَهُمْ كَاَنَّهٗ ظُلَّةٌ وَّظَنُّوْٓا اَنَّهٗ وَاقِعٌۢ بِهِمْ ۚ خُذُوْا مَآ اٰتَيْنٰكُمْ بِقُوَّةٍ وَّاذْكُرُوْا مَا فِيْهِ لَعَلَّكُمْ تَتَّقُوْنَ ﴿١٧٢﴾ ع

١٧٢- ۽ جڏهين اسان جبل کي انهنجي مٿان بيهاريو جڻ تہ اهو شاميانو هو ۽ انهن خيال ڪيو تہ اهو انهن جي مٿان ڪرڻ ٿي وارو آهي (۽ اسان چيو) جيڪي ڪجهہ اسان توهان کي ڏنو آهي انهيءَ کي طاقت سان پڪڙي جهليو ۽ جيڪي ڪجهہ انهيءَ ۾ آهي انهيءَ کي ياد رکو انهيءَ لاءِ تہ توهان

متقي بنجي وڃو.

وَإِذْ أَخَذَ رَبُّكَ مِنْ بَنِيٓ ءَادَمَ مِن ظُهُورِهِمْ ذُرِّيَّتَهُمْ وَأَشْهَدَهُمْ عَلَىٰٓ أَنفُسِهِمْ أَلَسْتُ بِرَبِّكُمْ قَالُوا۟ بَلَىٰ شَهِدْنَآ أَن تَقُولُوا۟ يَوْمَ ٱلْقِيَٰمَةِ إِنَّا كُنَّا عَنْ هَٰذَا غَٰفِلِينَ ۝

معانقة عند المتأخرين

١٧٣ـ ۽ جڏهين تنهنجي رب بني آدم جي پٺين مان انهن جي اولاد کي ورتو ۽ انهن کي سندن جانين تي شاهد ڪيو (۽ پڇيو) ڇا مان توهانجو رب نہ آهيان؟ انهن چيو هائو هائو اسان (انهيءَ ڳالهہ جي) شاهدي ڏيون ٿا (اسان هيءَ انهيءَ ڪري ڪيو) تہ (ائين نہ ٿئي جو) توهان قيامت جي ڏينهن چئو تہ اسان تہ انهيءَ (تعليم) کان بلڪل ناواقف هئاسين.

أَوْ تَقُولُوٓا۟ إِنَّمَآ أَشْرَكَ ءَابَآؤُنَا مِن قَبْلُ وَكُنَّا ذُرِّيَّةً مِّنۢ بَعْدِهِمْ أَفَتُهْلِكُنَا بِمَا فَعَلَ ٱلْمُبْطِلُونَ ۝

١٧٤ـ يا ائين چئو تہ (اسانجي زماني کان) پهريائين صرف اسانجي ابن ڏاڏن شرڪ ڪيو هو ۽ اسان انهن کان پوءِ هڪ ڪمزور نسل هئاسين. ڇا تون اسانکي انهن ماڻهن جي فعل جي بدلي ۾ مارينديں جيڪي ڪوڙا هئا.

وَكَذَٰلِكَ نُفَصِّلُ ٱلْءَايَٰتِ وَلَعَلَّهُمْ يَرْجِعُونَ ۝

١٧٥ـ ۽ اهڙيءَ طرح اسان آيتون کولي بيان ڪندا آهيون ۽ (اميد رکون ٿا) تہ اهي پنهنجن غلطين کان موٽي ايندا.

وَٱتْلُ عَلَيْهِمْ نَبَأَ ٱلَّذِيٓ ءَاتَيْنَٰهُ ءَايَٰتِنَا فَٱنسَلَخَ مِنْهَا فَأَتْبَعَهُ ٱلشَّيْطَٰنُ فَكَانَ مِنَ ٱلْغَاوِينَ ۝

١٧٦ـ ۽ انهنکي انهيءَ شخص جون حالتون پڙهي ٻڌاءِ جنهنکي اسان پنهنجا نشان ڏنا هئا پوءِ اهو انهن کان ترڪي جدا ٿي ويو هو. پوءِ شيطان انهيءَ جي پٺيان پيو ۽ هو گمراهن ۾ وڃي شامل ٿيو.

وَلَوْ شِئْنَا لَرَفَعْنَٰهُ بِهَا وَلَٰكِنَّهُۥٓ أَخْلَدَ إِلَى ٱلْأَرْضِ وَٱتَّبَعَ هَوَىٰهُ فَمَثَلُهُۥ كَمَثَلِ ٱلْكَلْبِ إِن تَحْمِلْ عَلَيْهِ يَلْهَثْ أَوْ تَتْرُكْهُ يَلْهَث ذَّٰلِكَ مَثَلُ ٱلْقَوْمِ ٱلَّذِينَ كَذَّبُوا۟ بِـَٔايَٰتِنَا فَٱقْصُصِ ٱلْقَصَصَ لَعَلَّهُمْ يَتَفَكَّرُونَ ۝

١٧٧ـ ۽ جيڪڏهن اسان چاهيون ها تہ انهيءَ کي انهن (نشانن) جي ذريعي بلند ڪري ڇڏيون ها پر هو زمين جي طرف وڃي ڪريو ۽ پنهنجي خواهش جي پٺيان لڳي پيو. پوءِ انهيءَ جي حالت انهيءَ ڪتي جي حالت جهڙي آهي جنهن کي (مارڻ لاءِ) تون (ڪا شيءِ) الارين تہ بہ اهو سهڪندو رهندو

آهي ۽ جيڪڏهين تون انهيءَ کي ڇڏي ڏين تڏهين بہ اهو سهڪندو رهندو آهي. اهو ئي حال انهيءَ قوم جو آهي جيڪي اسان جي نشانن کي ڪوڙو ڪندا آهن پوءِ تون اهي حالتون انهنکي ٻڌاءِ تہ اهي ڪجهہ سوچين.

سَآءَ مَثَلًا الْقَوْمُ الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا وَاَنْفُسَهُمْ كَانُوْا يَظْلِمُوْنَ ﴿١٧٧﴾

١٧٨- انهيءَ قوم جي حالت ڏاڍي بري آهي جن اسانجي آيتن کي ڪوڙو ڪيو ۽ اهي (انهيءَ فعل سان) صرف پنهنجن جانين تي ظلم ڪندا هئا.

مَنْ يَّهْدِ اللّٰهُ فَهُوَ الْمُهْتَدِيْ ۚ وَمَنْ يُّضْلِلْ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْخٰسِرُوْنَ ﴿١٧٨﴾

١٧٩- جن کي الله هدايت ڏئي اهي ئي هدايت حاصل ڪرڻ وارا هوندا آهن ۽ جنکي اهو گمراهہ ڪري اهي ماڻهون نقصان پائڻ وارا هوندا آهن.

وَلَقَدْ ذَرَاْنَا لِجَهَنَّمَ كَثِيْرًا مِّنَ الْجِنِّ وَالْاِنْسِ ۖ لَهُمْ قُلُوْبٌ لَّا يَفْقَهُوْنَ بِهَا ۖ وَلَهُمْ اَعْيُنٌ لَّا يُبْصِرُوْنَ بِهَا ۖ وَلَهُمْ اٰذَانٌ لَّا يَسْمَعُوْنَ بِهَا ۗ اُولٰٓئِكَ كَالْاَنْعَامِ بَلْ هُمْ اَضَلُّ ۗ اُولٰٓئِكَ هُمُ الْغٰفِلُوْنَ ﴿١٧٩﴾

١٨٠- ۽ اسان جنن ۽ انسانن کي (رحمت لاءِ) پيدا ڪيو آهي پر نتيجو هيءُ ٿيندو آهي تہ انهن مان اڪثر جهنم جا مستحق ٿي ويندا آهن انهنکي دل تہ آهي پر انهيءَ جي ذريعي اهي سمجهن نٿا ۽ انهن جون اکيون تہ آهن پر انهن جي ذريعي اهي ڏسن نٿا ۽ انهن کي ڪن تہ آهن پر انهن جي ذريعي اهي ٻڌن نہ ٿا. اهي ماڻهون چوپاين وانگر آهن پر انهن کان بہ بدتر (اصل ڳالهہ هيءَ آهي تہ) اهي بلڪل جاهل آهن.

وَلِلّٰهِ الْاَسْمَآءُ الْحُسْنٰى فَادْعُوْهُ بِهَا ۖ وَذَرُوا الَّذِيْنَ يُلْحِدُوْنَ فِيْٓ اَسْمَآئِهٖ ۗ سَيُجْزَوْنَ مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿١٨٠﴾

١٨١- ۽ الله جون گهڻيون ئي سٺيون صفتون آهن پوءِ توهان انهنجي ذريعي انهيءَ کان دعائون گهرندا ڪيو ۽ انهن ماڻهن کي ڇڏي ڏيو جيڪي انهيءَ جي صفتن جي باري ۾ غلط (۽ خيالي) ڳالهيون ڪندا آهن. انهن کي پنهنجي عملن جو بدلو ڏنو ويندو.

وَمِمَّنْ خَلَقْنَآ اُمَّةٌ يَّهْدُوْنَ بِالْحَقِّ وَ

١٨٢- ۽ جيڪا مخلوق اسان پيدا ڪئي آهي

بِهٖ يَعْدِلُوْنَ ۝

انهيءَ مان هڪ گروهه اهڙو آهي جيڪو حق جي ذريعي (ماڻهن کي) هدايت ڏيندو آهي ۽ حق جي ذريعي (دنيا ۾) انصاف ڪندو آهي.

ع ٢٢ / ١٣

وَالَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا سَنَسْتَدْرِجُهُمْ مِّنْ حَيْثُ لَا يَعْلَمُوْنَ ۝

١٨٣. ۽ اهي ماڻهو جيڪي اسانجي آيتن کي ڪوڙو ڪن ٿا اسان انهنکي آهستي آهستي اهڙن رستن تان جنکي اهي ڄاڻن نه ٿا تباهيءَ جي طرف ڇڪي آڻينداسين.

وَاُمْلِيْ لَهُمْ ۚ اِنَّ كَيْدِيْ مَتِيْنٌ ۝

١٨٤. ۽ مان انهن کي (في الحال) ڍر ڏئي رهيو آهيان منهنجي تدبير ڏاڍي مضبوط آهي.

اَوَلَمْ يَتَفَكَّرُوْا ۜ مَا بِصَاحِبِهِمْ مِّنْ جِنَّةٍ ۭ اِنْ هُوَ اِلَّا نَذِيْرٌ مُّبِيْنٌ ۝

١٨٥. ڇا اهي هي نه ٿا سوچين ته انهنجي ساٿيءَ (يعني رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم) کي چريائي نه آهي. هو ته ظاهر ظهور هوشيار ڪرڻ وارو آهي.

اَوَلَمْ يَنْظُرُوْا فِيْ مَلَكُوْتِ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَمَا خَلَقَ اللّٰهُ مِنْ شَيْءٍ ۙ وَّاَنْ عَسٰٓى اَنْ يَّكُوْنَ قَدِ اقْتَرَبَ اَجَلُهُمْ ۚ فَبِاَيِّ حَدِيْثٍۢ بَعْدَهٗ يُؤْمِنُوْنَ ۝

١٨٦. ڇا اهي آسمانن ۽ زمين جي بادشاهت تي غور نٿا ڪن ۽ انهيءَ هر شئي تي جنهنکي الله پيدا ڪيو آهي (۽ انهيءَ ڳالهه تي به ته) شايد انهن جي تباهيءَ جي مدت ويجهي اچي وئي هجي پوءِ اهي انهيءَ ظاهر ڳالهه کانپوءِ ڪهڙيءَ ڳالهه جي ذريعي ايمان آڻيندا.

مَنْ يُّضْلِلِ اللّٰهُ فَلَا هَادِيَ لَهٗ ۭ وَيَذَرُهُمْ فِيْ طُغْيَانِهِمْ يَعْمَهُوْنَ ۝

١٨٧. جنهن کي الله گمراهه قرار ڏئي انهيءَ کي هدايت ڏيڻ وارو ڪوبه ڪونهي ۽ اهو انهن کي پنهنجي سرڪشين ۾ ڀٽڪندي ڇڏي ڏيندو آهي.

يَسْــَٔلُوْنَكَ عَنِ السَّاعَةِ اَيَّانَ مُرْسٰىهَا ۭ قُلْ اِنَّمَا عِلْمُهَا عِنْدَ رَبِّيْ ۚ لَا يُجَلِّيْهَا لِوَقْتِهَآ اِلَّا هُوَ ۘ ثَقُلَتْ فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۭ لَا تَاْتِيْكُمْ اِلَّا بَغْتَةً ۭ يَسْــَٔلُوْنَكَ

١٨٨. (اي رسول!) تنهنجا مخالف توکان قيامت جي متعلق سوال ڪن ٿا ته اها ڪڏهين ايندي. تون چو ته انهيءَ جو علم صرف منهنجي رب کي آهي انهيءَ کي

كَاَنَّكَ حَفِيٌّ عَنْهَا ؕ قُلْ اِنَّمَا عِلْمُهَا عِنْدَ اللّٰهِ وَلٰكِنَّ
اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿١٨٧﴾

پنهنجي وقت تي صرف اهوئي ظاهر ڪندو (ها) اها ڳري هوندي آسمانن ۾ بہ ۽ زمين ۾ بہ (۽) توهان وٽ صرف اوچتي ايندي. اهي توکان قيامت جي متعلق اهڙيءَ طرح سوال ڪن ٿا ڄڻ توکي بہ انهيءَ وقت جي آس لڳل آهي تون چؤ (منهنجي لاءِ تہ ايترو ڪافي آهي) تہ انهيءَ جو علم صرف الله کي آهي پر اڪثر ماڻهو انهيءَ کي ڄاڻن نٿا.

قُلْ لَّاۤ اَمْلِكُ لِنَفْسِيْ نَفْعًا وَّلَا ضَرًّا اِلَّا مَا شَآءَ اللّٰهُ ؕ
وَلَوْ كُنْتُ اَعْلَمُ الْغَيْبَ لَاسْتَكْثَرْتُ مِنَ الْخَيْرِ ۚۛ
وَمَا مَسَّنِيَ السُّوْٓءُ ۚۛ اِنْ اَنَا اِلَّا نَذِيْرٌ وَّبَشِيْرٌ لِّقَوْمٍ
يُّؤْمِنُوْنَ ﴿١٨٨﴾ ع

معانقة عند المتأخرين

ع ٢٣ ١٣

١٨٩- (پوءِ) تون چؤ تہ مان پنهنجي جان لاءِ نہ ڪنهن نفعي جو مالڪ آهيان نہ نقصان جو.ها! (مونکي اهو پهچندو) جيڪو الله چاهيندو ۽ جيڪڏهن مان غيب جو واقف هجان ها تہ ڀلاين مان اڪثر پنهنجي لاءِ جمع ڪريان ها ۽ مونکي ڪڏهين ڪا بہ تڪليف نہ پهچي ها پر مان تہ صرف مومنن جي لاءِ هوشيار ڪرڻ وارو ۽ خوش خبري ڏيڻ وارو آهيان.

هُوَ الَّذِيْ خَلَقَكُمْ مِّنْ نَّفْسٍ وَّاحِدَةٍ وَّجَعَلَ مِنْهَا
زَوْجَهَا لِيَسْكُنَ اِلَيْهَا ۚ فَلَمَّا تَغَشّٰىهَا حَمَلَتْ حَمْلًا
خَفِيْفًا فَمَرَّتْ بِهٖ ۚ فَلَمَّاۤ اَثْقَلَتْ دَّعَوَا اللّٰهَ رَبَّهُمَا
لَئِنْ اٰتَيْتَنَا صَالِحًا لَّنَكُوْنَنَّ مِنَ الشّٰكِرِيْنَ ﴿١٨٩﴾

١٩٠- اهوئي آهي جنهن توهانکي هڪ جان مان پيدا ڪيو آهي ۽ انهيءَ جي قسم مان انهيءَ جو جوڙو بنايو آهي انهيءَ لاءِ تہ اهو انهيءَ ڏانهن لاڙو ڪري آرام پائي. پوءِ جڏهين اهو انهيءَ کي ڍڪي وٺي ٿو تہ اها هلڪو بار کڻي ٿي ۽ انهيءَ کي کنيو وتي ٿي پوءِ جڏهين اها (ڪجهہ) ڳري ٿي وڃي ٿي ٻئي (مرد ۽ عورت) پنهنجي الله کان جيڪو انهن جو رب آهي، دعا گهرندا آهن. جيڪڏهين تون اسانکي هڪ تندرست ٻچو ڏيندين تہ اسان شڪر گذار ٻانهان منجهان ٿينداسين.

فَلَمَّاۤ اٰتٰىهُمَا صَالِحًا جَعَلَا لَهٗ شُرَكَآءَ فِيْمَاۤ اٰتٰىهُمَا ۚ

١٩١- پر جڏهين اهو انهن کي تندرست ٻچو

فَتَعٰلَى اللّٰهُ عَمَّا يُشْرِكُوْنَ ﴿١٩١﴾

عطا ڪندو آهي تہ اهي ٻنهي انهيءَ اولاد ۾ جيڪو خدا انهن کي ڏيندو آهي انهيءَ جا شريڪ مقرر ڪرڻ لڳي ويندا آهن ۽ الله انهن جي شرڪ ڪرڻ کان گھڻو مٿي آهي.

اَيُشْرِكُوْنَ مَا لَا يَخْلُقُ شَيْـًٔا وَّهُمْ يُخْلَقُوْنَ ﴿١٩٢﴾

١٩٢- ڇا اهي انهنکي (خدا جو) شريڪ قرار ڏيندا آهن جيڪي ڪجهہ بہ پيدا نہ ٿا ڪن پر خود پيدا ڪيا وڃن ٿا.

وَلَا يَسْتَطِيْعُوْنَ لَهُمْ نَصْرًا وَّلَآ اَنْفُسَهُمْ يَنْصُرُوْنَ ﴿١٩٣﴾

١٩٣- ۽ انهن(شرڪ ڪرڻ وارن) جي مدد ڪرڻ جي ڪجهہ بہ طاقت نہ ٿا رکن ۽ نہ پنهنجي جانين جي مدد ڪري سگهن ٿا.

وَاِنْ تَدْعُوْهُمْ اِلَى الْهُدٰى لَا يَتَّبِعُوْكُمْ سَوَآءٌ عَلَيْكُمْ اَدَعَوْتُمُوْهُمْ اَمْ اَنْتُمْ صَامِتُوْنَ ﴿١٩٤﴾

١٩٤- ۽ جيڪڏهين تون انهن ڪوڙن معبودن کي هدايت جي طرف سڏين تہ اهي تنهنجي پيروي نہ ڪري سگهندا تنهنجو انهنکي سڏڻ يا چپ رهڻ انهن لاءِ برابر آهي.

اِنَّ الَّذِيْنَ تَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ عِبَادٌ اَمْثَالُكُمْ فَادْعُوْهُمْ فَلْيَسْتَجِيْبُوْا لَكُمْ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿١٩٥﴾

١٩٥- جن ماڻهن کي توهان الله کانسواءِ سڏيو ٿا اهي توهان وانگر ٻانهان آهن پوءِ توهان انهن کي سڏيندا رهو (۽) جيڪڏهين توهان سچا آهيو تہ اهي توهانجي پڪار جو جواب ڏئي ڏيکارين.

اَلَهُمْ اَرْجُلٌ يَّمْشُوْنَ بِهَآ اَمْ لَهُمْ اَيْدٍ يَّبْطِشُوْنَ بِهَآ اَمْ لَهُمْ اَعْيُنٌ يُّبْصِرُوْنَ بِهَآ اَمْ لَهُمْ اٰذَانٌ يَّسْمَعُوْنَ بِهَا قُلِ ادْعُوْا شُرَكَآءَكُمْ ثُمَّ كِيْدُوْنِ فَلَا تُنْظِرُوْنِ ﴿١٩٦﴾

١٩٦- ڇا انهن جا پير آهن جن سان اهي هلن ٿا؟ يا انهن جا هٿ آهن جن سان اهي پڪڙين ٿا؟ يا انهن جون اکيون آهن جن سان اهي ڏسن ٿا؟ يا انهن جا ڪن آهن جن سان اهي ٻڌن ٿا. تون انهن کي چئو تہ پنهنجن سڀني شريڪن کي سڏي وٺو. پوءِ سڀ گڏجي منهنجي خلاف منصوبو ڪيو ۽ مون کي ڪابہ ڍر نہ ڏيو.

اِنَّ وَلِيِّ اللّٰهُ الَّذِيْ نَزَّلَ الْكِتٰبَ وَهُوَ يَتَوَلَّى الصّٰلِحِيْنَ ﴿١٩٧﴾

١٩٧- منهنجو دوست ! يقينن اهو خدا آهي جنهن هيءَ ڪامل ڪتاب لاٿو آهي ۽ اهو نيڪن جو ساٿ ڏيندو آهي.

وَالَّذِيْنَ تَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِهٖ لَا يَسْتَطِيْعُوْنَ نَصْرَكُمْ وَلَآ اَنْفُسَهُمْ يَنْصُرُوْنَ ۝١٩٧

١٩٨۔ ۽ اهي ماڻهو جنکي توهان ان کان سواءِ پڪاريو ٿا اهي نہ توهانجي مدد جي توفيق رکن ٿا ۽ نہ پنهنجي جانين جي مدد ڪن ٿا.

وَاِنْ تَدْعُوْهُمْ اِلَى الْهُدٰى لَا يَسْمَعُوْا ۭ وَتَرٰىهُمْ يَنْظُرُوْنَ اِلَيْكَ وَهُمْ لَا يُبْصِرُوْنَ ۝١٩٨

١٩٩۔ ۽ جيڪڏهن توهين انهنکي هدايت جي طرف سڏيو تہ هو ٻڌي نہ ٿا سگهن ۽ تون انهنکي ڏسين ٿو تہ جڻ توکي ڏسي رهيا آهن حالانڪ اهي (توکي) نہ ڏسي رهيا آهن.

خُذِ الْعَفْوَ وَاْمُرْ بِالْعُرْفِ وَاَعْرِضْ عَنِ الْجٰهِلِيْنَ ۝١٩٩

٢٠٠۔ (اي نبي! هميشه) درگذر کان ڪم وٺ ۽ فطرت جي مطابق ڳالهين جو حڪم ڏيندو رهہ ۽ جاهل ماڻهن کان منهن ڦيري ڇڏ.

وَاِمَّا يَنْزَغَنَّكَ مِنَ الشَّيْطٰنِ نَزْغٌ فَاسْتَعِذْ بِاللّٰهِ ۭ اِنَّهٗ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ۝٢٠٠

٢٠١۔ ۽ جيڪڏهن شيطان جي طرفان توکي ڪو صدمو پهچي تہ تون الله کان پناهہ گهر جيڪو ڏاڍو ٻڌڻ وارو (۽) ڏاڍو ڄاڻڻ وارو آهي.

اِنَّ الَّذِيْنَ اتَّقَوْا اِذَا مَسَّهُمْ طٰۗىِٕفٌ مِّنَ الشَّيْطٰنِ تَذَكَّرُوْا فَاِذَا هُمْ مُّبْصِرُوْنَ ۝٢٠١

٢٠٢۔ يقينن اهي ماڻهو جن انهيءَ وقت تقويٰ اختيار ڪئي جڏهين انهنکي شيطان جي طرفان اچڻ وارو ڪو خيال محسوس ٿيو ۽ اهي هوشيار ٿي ويا ۽ انهن جون اکيون کلي ويون (اهي هدايت پائي وڃن ٿا).

وَاِخْوَانُهُمْ يَمُدُّوْنَهُمْ فِي الْغَيِّ ثُمَّ لَا يُقْصِرُوْنَ ۝٢٠٢

٢٠٣۔ ۽ انهن (ڪافرن) جا يار تہ انهنکي گمراهيءَ جي طرف ڇڪين ٿا پوءِ ڪنهن قسم جي ڪمي نہ ٿا ڇڏين.

وَاِذَا لَمْ تَاْتِهِمْ بِاٰيَةٍ قَالُوْا لَوْلَا اجْتَبَيْتَهَا ۭ قُلْ اِنَّمَآ اَتَّبِعُ مَا يُوْحٰٓى اِلَيَّ مِنْ رَّبِّيْ ۚ هٰذَا بَصَاۗىِٕرُ مِنْ رَّبِّكُمْ وَهُدًى وَّرَحْمَةٌ لِّقَوْمٍ يُّؤْمِنُوْنَ ۝٢٠٣

٢٠٤۔ ۽ جڏهين تون انهن وٽ ڪا ظاهر نشاني نہ ٿو آڻين تہ چون ٿا تہ تو انهيءَ (نشاني) کي چو نہ چڪي گهرايو. تون چؤ تہ مان تہ صرف پنهنجي رب جي طرفان پاڻ تي نازل ٿيڻ واري وحي جي پيروي ڪيانٿو. هيءَ (وحي) تنهنجي رب جي طرفان دليلن سان پر آهي ۽ مومنن لاءِ هدايت بہ آهي ۽ رحمت بہ آهي.

وَاِذَا قُرِئَ الْقُرْاٰنُ فَاسْتَمِعُوْا لَهٗ وَاَنْصِتُوْا لَعَلَّكُمْ تُرْحَمُوْنَ ﴿۲۰۵﴾

۲۰۵۔ ۽ (اي انسانو!) جڏهن قرآن پڙهيو وڃي تہ انهيءَ کي ٻڌندا ڪيو ۽ چپ رهندا ڪيو انهيءَ لاءِ تہ توهانتي رحم ڪيو وڃي.

وَاذْكُرْ رَّبَّكَ فِيْ نَفْسِكَ تَضَرُّعًا وَّخِيْفَةً وَّدُوْنَ الْجَهْرِ مِنَ الْقَوْلِ بِالْغُدُوِّ وَالْاٰصَالِ وَلَا تَكُنْ مِّنَ الْغٰفِلِيْنَ ﴿۲۰۶﴾

۲۰۶۔ ۽ (اي نبي!) تون پنهنجي نفس ۾ پنهنجي رب کي عاجزي ۽ خوف سان ياد ڪندو رهہ ۽ هلڪي آواز سان صبح بہ ۽ شام بہ (ائين ڪندو ڪر) ۽ ڪڏهين غفلت ڪرڻ وارن ۾ نہ ٿيءَ.

اِنَّ الَّذِيْنَ عِنْدَ رَبِّكَ لَا يَسْتَكْبِرُوْنَ عَنْ عِبَادَتِهٖ وَيُسَبِّحُوْنَهٗ وَلَهٗ يَسْجُدُوْنَ ﴿۲۰۷﴾ السجدة

۲۰۷۔ جيڪي ماڻهو تنهنجي رب جي ويجهو آهن يقينن پنهنجي رب جي عبادت کان پنهنجي پاڻ کي وڏو نہ ٿا سمجهن ۽ انهيءَ جي تسبيح ڪندا رهن ٿا ۽ انهيءَ جي سامهون سجدا ڪندا رهن ٿا.

## سُوْرَةُ الْاَنْفَالِ مَدَنِيَّةٌ وَّهِيَ مَعَ الْبَسْمَلَةِ سِتٌّ وَّسَبْعُوْنَ اٰيَةً وَّعَشْرُ رُكُوْعَاتٍ

هي سورت مدني آهي ۽ بسم الله سميت هن جون ڇاهتر آيتون ۽ ڏهه رڪوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ①

١۔ (مان) الله جو نالو وٺي، جيڪو بيحد ڪرم ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي (پڙهانٿو).

يَسْـَٔلُوْنَكَ عَنِ الْاَنْفَالِ ؕ قُلِ الْاَنْفَالُ لِلّٰهِ وَالرَّسُوْلِ ۚ فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَاَصْلِحُوْا ذَاتَ بَيْنِكُمْ ۪ وَاَطِيْعُوا اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗۤ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ②

٢۔ (اي رسول!) ماڻهو توکان غنيمت جي مالن جي متعلق سوال ڪن ٿا تون (انهنکي) چئو ته غنيمت جا مال الله ۽ انهيءَ جي رسول جا آهن. پوءِ الله جي تقويٰ اختيار ڪيو ۽ پاڻ ۾ اصلاح جي ڪوشش ڪيو ۽ جيڪڏهين توهان مومن آهيو ته الله ۽ انهيءَ جي رسول جي اطاعت ڪيو.

اِنَّمَا الْمُؤْمِنُوْنَ الَّذِيْنَ اِذَا ذُكِرَ اللّٰهُ وَجِلَتْ قُلُوْبُهُمْ وَاِذَا تُلِيَتْ عَلَيْهِمْ اٰيٰتُهٗ زَادَتْهُمْ اِيْمَانًا وَّعَلٰى رَبِّهِمْ يَتَوَكَّلُوْنَ ③

٣۔ مومن ته صرف اهي آهن جو جڏهين (انهن جي سامهون) الله جو ذڪر ڪيو وڃي ته انهن جون دليون ڏڄي وڃن ۽ جڏهين انهن جي سامهون انهيءَ جون آيتون پڙهيون وڃن ته اهي انهن جي ايمان کي وڌائي ڇڏين. پڻ (مومن اهي آهن) جيڪي پنهنجي رب تي توڪل رکن ٿا.

الَّذِيْنَ يُقِيْمُوْنَ الصَّلٰوةَ وَمِمَّا رَزَقْنٰهُمْ يُنْفِقُوْنَ ؕ ④

٤۔ (اهڙيءَ طرح حقيقي مومن اهي آهن) جيڪي نمازن کي (شرطن جي مطابق) ادا ڪن ٿا ۽ جيڪي (ڪجهه) اسان کين ڏنو آهي ان مان خرچ ڪن ٿا.

اُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُؤْمِنُوْنَ حَقًّا ؕ لَهُمْ دَرَجٰتٌ عِنْدَ رَبِّهِمْ وَمَغْفِرَةٌ وَّرِزْقٌ كَرِيْمٌ ⑤

٥۔ اهي (مٿي ذڪر ڪيل صفتون رکڻ وارا) ئي سچا مومن آهن. انهن جي رب وٽ انهن لاءِ وڏي ۾ وڏا درجا ۽ بخشش جو سامان ۽ معزز رزق آهي.

كَمَآ اَخْرَجَكَ رَبُّكَ مِنْ بَيْتِكَ بِالْحَقِّ ۪ وَاِنَّ فَرِيْقًا

٦۔ اهو (انعام انهن تي) انهيءَ سبب ڪري

مِّنَ الْمُؤْمِنِيْنَ لَكٰرِهُوْنَ ۝

(هوندو) جو توکي تنهنجي رب تنهنجي گهر کان هڪ خاص مقصد هيٺ ڪڍيو آهي ۽ مومنن مان هڪ گروهه انهيءَ کي تمام گهڻو نا پسند ڪندو هو.

يُجَادِلُوْنَكَ فِي الْحَقِّ بَعْدَ مَا تَبَيَّنَ كَاَنَّمَا يُسَاقُوْنَ اِلَى الْمَوْتِ وَهُمْ يَنْظُرُوْنَ ۝

٧. اهي توکان حق ظاهر ٿيڻ بعد اهڙيءَ طرح بحث ڪندا آهن ڄڻ (اسلام جي دعوت کان) انهن کي موت جي طرف ڌڪيو وڃي ٿو ۽ (انهن معلوم ٿئي ٿو ته) اهي (انهيءَ موت کي اکين سان) ڏسي رهيا آهن.

وَاِذْ يَعِدُكُمُ اللّٰهُ اِحْدَى الطَّآئِفَتَيْنِ اَنَّهَا لَكُمْ وَتَوَدُّوْنَ اَنَّ غَيْرَ ذَاتِ الشَّوْكَةِ تَكُوْنُ لَكُمْ وَيُرِيْدُ اللّٰهُ اَنْ يُّحِقَّ الْحَقَّ بِكَلِمٰتِهٖ وَيَقْطَعَ دَابِرَ الْكٰفِرِيْنَ ۝

٨. ۽ (انهيءَ وقت کي ياد ڪيو) جڏهن الله توهان سان ٻن گروهن مان هڪ جو واعدو ڪندو هو ته اهو توهانکي ڏنو ويندو ۽ توهان چاهيو ٿي ته اهو گروهه جنهن وٽ هٿيار نه آهن توهانکي ملي ۽ الله چاهيو ٿي ته اهو حق کي پنهنجي حڪمن جي ذريعي پورو ڪري ۽ ڪافرن جي پاڙ پٽي ڇڏي.

لِيُحِقَّ الْحَقَّ وَيُبْطِلَ الْبَاطِلَ وَلَوْ كَرِهَ الْمُجْرِمُوْنَ ۝

٩. انهيءَ لاءِ ته اهو اهڙيءَ طرح حق کي قائم ڪري ڇڏي ۽ باطل کي تباهه ڪري ڇڏي پوءِ ڪٿي مجرم انهيءَ کي ناپسندئي جو نه ڪندا هجن.

اِذْ تَسْتَغِيْثُوْنَ رَبَّكُمْ فَاسْتَجَابَ لَكُمْ اَنِّيْ مُمِدُّكُمْ بِاَلْفٍ مِّنَ الْمَلٰٓئِكَةِ مُرْدِفِيْنَ ۝

١٠. (۽ انهيءَ وقت کي به ياد ڪيو) جڏهن توهان پنهنجي رب کان التجائون ڪندا هئا انهيءَ تي توهانجي رب توهان جي دعائن کي ٻڌو (۽ چيو ته) مان توهان جي مدد هزارن فرشتن سان ڪندس جن جو لشڪر پٺيان لشڪر وڌندو رهندو.

وَمَا جَعَلَهُ اللّٰهُ اِلَّا بُشْرٰى وَلِتَطْمَئِنَّ بِهٖ قُلُوْبُكُمْ وَمَا النَّصْرُ اِلَّا مِنْ عِنْدِ اللّٰهِ اِنَّ اللّٰهَ عَزِيْزٌ حَكِيْمٌ ۝ ع

١١. ۽ الله انهيءَ خبر کي رڳو هڪ بشارت جي طور تي نازل ڪيو هو. انهيءَ لاءِ ته انهيءَ جي ذريعي توهانجون دليون مطمئن ٿي وڃن ۽ مدد صرف الله جي طرفان ايندي آهي

(فرشتا تہ محض هڪ علامت آهن) الله يقينن ڏاڍو غالب (۽) حڪمت وارو آهي.

إِذْ يُغَشِّيكُمُ النُّعَاسَ أَمَنَةً مِّنْهُ وَيُنَزِّلُ عَلَيْكُم مِّنَ السَّمَاءِ مَاءً لِّيُطَهِّرَكُم بِهِ وَيُذْهِبَ عَنكُمْ رِجْزَ الشَّيْطَانِ وَلِيَرْبِطَ عَلَىٰ قُلُوبِكُمْ وَيُثَبِّتَ بِهِ الْأَقْدَامَ ﴿١٢﴾

١٢. (اهو نشان انهيءَ وقت ظاهر ٿيو) جڏهن خدا (پنهن جي طرفان) امن ۽ تسڪين جي خوشخبري ڏيڻ لاءِ توهانتي ڳهر نازل ڪري رهيو هو ۽ توهانتي ڪڪرن مان پاڻي وسائي رهيو هو انهيءَ لاءِ تہ انهيءَ جي وسيلي توهانکي پاڪ ڪري ۽ شيطان جي گندگي (يعني انهيءَ جي خوف) کي توهان کان ٽاري ۽ انهيءَ لاءِ تہ توهانجي دلين کي مضبوط ڪري ۽ انهيءَ (بارش) جي ذريعي توهانجي قدمن کي مضبوط ڪري.

إِذْ يُوحِي رَبُّكَ إِلَى الْمَلَائِكَةِ أَنِّي مَعَكُمْ فَثَبِّتُوا الَّذِينَ آمَنُوا ۚ سَأُلْقِي فِي قُلُوبِ الَّذِينَ كَفَرُوا الرُّعْبَ فَاضْرِبُوا فَوْقَ الْأَعْنَاقِ وَاضْرِبُوا مِنْهُمْ كُلَّ بَنَانٍ ﴿١٣﴾

١٣. (هيءَ اهو وقت هو) جڏهن تنهنجو رب ملائڪن کي بہ وحي ڪري رهيو هو تہ مان توهان سان آهيان پوءِ مومنن کي ثابت قدم بنايو. مان ڪافرن جي دلين تي رعب وجهندس پوءِ (اي مومنو!) توهان انهنجي ڳچين تي حملا ڪندا وڃو ۽ انهن جي آڱرين جي سنڌ سنڌ تي ڌڪ هڻندا وڃو.

ذَٰلِكَ بِأَنَّهُمْ شَاقُّوا اللَّهَ وَرَسُولَهُ ۚ وَمَن يُشَاقِقِ اللَّهَ وَرَسُولَهُ فَإِنَّ اللَّهَ شَدِيدُ الْعِقَابِ ﴿١٤﴾

١٤. اهو انهيءَ ڪري هوندو جو انهن الله ۽ انهيءَ جي رسول جي مخالفت ڪئي آهي، ۽ جيڪو بہ الله ۽ انهيءَ جي رسول جي مخالفت ڪريٿو (انهيءَ کي سمجهڻ گهرجي تہ) الله ڏاڍي سخت سزا ڏيڻ وارو آهي.

ذَٰلِكُمْ فَذُوقُوهُ وَأَنَّ لِلْكَافِرِينَ عَذَابَ النَّارِ ﴿١٥﴾

١٥. (اي انسانو!) (ٻڌو الله جي سزا) اهڙي ني ٿيندي آهي. پوءِ انهيءَ کي چکو ۽ (ياد رکو تہ) ڪافرن کي يقينن باهہ جو عذاب پهچڻ وارو آهي.

يَا أَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا إِذَا لَقِيتُمُ الَّذِينَ كَفَرُوا زَحْفًا

١٦. اي مومنو ! جڏهن ڪافرن سان هڪ لشڪر جي صورت ۾ ملو، تہ ڪڏهين بہ

فَلَا تُوَلُّوهُمُ الْأَدْبَارَ ﴿١٦﴾

انهنکي پٺ نہ ڏيکاريندا ڪيو.

وَمَنْ يُوَلِّهِمْ يَوْمَئِذٍ دُبُرَهُ إِلَّا مُتَحَرِّفًا لِقِتَالٍ أَوْ مُتَحَيِّزًا إِلَىٰ فِئَةٍ فَقَدْ بَاءَ بِغَضَبٍ مِنَ اللَّهِ وَمَأْوَاهُ جَهَنَّمُ ۖ وَبِئْسَ الْمَصِيرُ ﴿١٧﴾

١٧. ۽ جيڪو بہ انهيءَ موقعي تي پٺي ڏيکاريندو سواءِ انهيءَ جي جو لڙائيءَ لاءِ جاءِ بدلائيندو هجي يا ڪنهن (مسلمان) گروهہ ڏانهن (انهيءَ جي مدد لاءِ) ويندو هجي تہ اهو الله جو غضب وٺي موٽندو ۽ انهيءَ جو ٺڪاڻو جهنم هوندو ۽ رهڻ جي لحاظ کان اها جڳهہ تمام خراب آهي.

فَلَمْ تَقْتُلُوهُمْ وَلَٰكِنَّ اللَّهَ قَتَلَهُمْ ۚ وَمَا رَمَيْتَ إِذْ رَمَيْتَ وَلَٰكِنَّ اللَّهَ رَمَىٰ ۚ وَلِيُبْلِيَ الْمُؤْمِنِينَ مِنْهُ بَلَاءً حَسَنًا ۚ إِنَّ اللَّهَ سَمِيعٌ عَلِيمٌ ﴿١٨﴾

١٨. پوءِ (ياد رکو تہ) انهن (ڪافرن) کي توهان نہ ماريو هو پر انهن کي الله ماريو هو ۽ جڏهين تو پٿر اڇلايا هئا تہ تو نہ اڇلايا هئا پر الله اڇلايا هئا جنهن جو نتيجو اهو ٿيو (جو) هن انهيءَ جي ذريعي مومنن تي هڪ وڏو احسان ڪيو ۽ الله يقينن ڏاڍو ٻڌڻ وارو (۽) ڏاڍو ڄاڻڻ وارو آهي.

ذَٰلِكُمْ وَأَنَّ اللَّهَ مُوهِنُ كَيْدِ الْكَافِرِينَ ﴿١٩﴾

١٩. هي (امر) ائين ٿيندو (جهڙيءَ طرح اسان چيو هو) ۽ الله يقينن ڪافرن جي تدبير کي ڪمزور ڪرڻ وارو آهي.

إِنْ تَسْتَفْتِحُوا فَقَدْ جَاءَكُمُ الْفَتْحُ ۖ وَإِنْ تَنْتَهُوا فَهُوَ خَيْرٌ لَكُمْ ۖ وَإِنْ تَعُودُوا نَعُدْ وَلَنْ تُغْنِيَ عَنْكُمْ فِئَتُكُمْ شَيْئًا وَلَوْ كَثُرَتْ وَأَنَّ اللَّهَ مَعَ الْمُؤْمِنِينَ ﴿٢٠﴾ ع ٢ ١٩

٢٠. (اي ڪفار مڪہ!) جيڪڏهين توهان فتح جو نشان گهريو ٿي تہ ڏسو توهان وٽ فتح اچي ويئي ۽ جيڪڏهن هاڻي بہ توهان باز اچي وڃو تہ يقينن اهو توهان جي لاءِ سٺو ٿيندو ۽ جيڪڏهين توهان (شرارت جي طرف) موٽندؤ تہ اسان بہ (سزا ڏانهن) موٽنداسين ۽ توهان جو جٿو خواه اهو ڪيترو بہ مضبوط چو نہ هجي هرگز توهانکي ڪوبہ فائدو نہ ڏيندو ۽ الله يقينن مومنن سان گڏ آهي.

يَا أَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا أَطِيعُوا اللَّهَ وَرَسُولَهُ وَلَا تَوَلَّوْا

٢١. اي مومنو ! الله ۽ انجي رسول جي اطاعت ڪيو ۽ انهن مان ڪنهن کان منهن نہ موڙيو.

عَنْهُ وَاَنْتُمْ تَسْمَعُوْنَ ﴿٢٠﴾

انهيءَ حالت ۾ جو توهان (انهيءَ جو حڪم) ٻڌي رهيا هجو.

وَلَا تَكُوْنُوْا كَالَّذِيْنَ قَالُوْا سَمِعْنَا وَهُمْ لَا يَسْمَعُوْنَ ﴿٢١﴾

٢٢- ۽ انهن ماڻهن وانگر نہ بڻجو جن اهو چيو هو تہ اسان ٻڌون ٿا، پر اهي ٻڌن ڪونہ ٿا.

اِنَّ شَرَّ الدَّوَآبِّ عِنْدَ اللّٰهِ الصُّمُّ الْبُكْمُ الَّذِيْنَ لَا يَعْقِلُوْنَ ﴿٢٢﴾

٢٣- الله وٽ حيوانن کان بہ بدتر اهي ماڻهون آهن جيڪي ٻوڙا ۽ گونگا آهن، جيڪي ڪجهہ بہ عقل نہ ٿا رکن.

وَلَوْ عَلِمَ اللّٰهُ فِيْهِمْ خَيْرًا لَّاَسْمَعَهُمْ ۭ وَلَوْ اَسْمَعَهُمْ لَتَوَلَّوْا وَّهُمْ مُّعْرِضُوْنَ ﴿٢٣﴾

٢٤- ۽ جيڪڏهين الله انهن (ڪافرن) ۾ ڪو بہ خير ڏسي ها تہ انهنکي (قرآن) ٻڌائي ها ۽ جيڪڏهين انهنکي (موجوده حالت ۾ قرآن) ٻڌائي ها تہ بہ اهي پٺي ڦيري ڇڏين ها ۽ (قرآن کان) منهن موڙين ها.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اسْتَجِيْبُوْا لِلّٰهِ وَلِلرَّسُوْلِ اِذَا دَعَاكُمْ لِمَا يُحْيِيْكُمْ ۚ وَاعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ يَحُوْلُ بَيْنَ الْمَرْءِ وَقَلْبِهٖ وَاَنَّهٗٓ اِلَيْهِ تُحْشَرُوْنَ ﴿٢٤﴾

٢٥- اي مومنو ! الله ۽ انجي رسول جي ڳالهہ ٻڌو جڏهين اهو توهانکي زنده ڪرڻ لاءِ پڪاري ۽ سمجهي رکو تہ الله انسان ۽ انهيءَ جي دل ۾ حائل آهي ۽ اهو بہ تہ اوهان انهيءَ ڏانهن زندهہ ڪري موٽايا ويندؤ.

وَاتَّقُوْا فِتْنَةً لَّا تُصِيْبَنَّ الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا مِنْكُمْ خَاۗصَّةً ۚ وَاعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ شَدِيْدُ الْعِقَابِ ﴿٢٥﴾

٢٦- ۽ انهيءَ فتني کان ڊڄندا رهو جيڪو توهان مان صرف ظالمن کي نہ پهچندو ۽ ياد رکو تہ الله جو عذاب يقينن سخت هوندو آهي.

وَاذْكُرُوْٓا اِذْ اَنْتُمْ قَلِيْلٌ مُّسْتَضْعَفُوْنَ فِي الْاَرْضِ تَخَافُوْنَ اَنْ يَّتَخَطَّفَكُمُ النَّاسُ فَاٰوٰىكُمْ وَاَيَّدَكُمْ بِنَصْرِهٖ وَرَزَقَكُمْ مِّنَ الطَّيِّبٰتِ لَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ ﴿٢٦﴾

٢٧- ۽ ياد ڪيو جڏهين توهان ٿورا هئا ۽ زمين ۾ ڪمزور سمجهيا ويندا هئا ۽ ڊڄندا هئا تہ ماڻهو توهانکي جهٽي ڪئي نہ وڃن پوءِ باوجود انهيءَ جي انهيءَ توهانکي (مديني ۾) جاءِ ڏني ۽ پنهنجي مدد سان توهانجي تائيد ڪئي ۽ پاڪ شين مان توهانکي رزق بخشيو انهيءَ لاءِ تہ توهان شڪر ڪيو.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَخُوْنُوا اللّٰهَ وَالرَّسُوْلَ وَتَخُوْنُوْٓا اَمٰنٰتِكُمْ وَاَنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿٢٧﴾

٢٨- اي مومنو! الله ۽ انهيءَ جي رسول سان خيانت نہ ڪيو ۽ نہ پنهنجي امانتن ۾ خيانت ڪيو اهڙيءَ حالت ۾ جڏهين اوهان ڄاڻو ٻجهو ٿا.

وَاعْلَمُوْٓا اَنَّمَآ اَمْوَالُكُمْ وَاَوْلَادُكُمْ فِتْنَةٌ ۙ وَّ اَنَّ اللّٰهَ عِنْدَهٗٓ اَجْرٌ عَظِيْمٌ ﴿٢٨﴾ ع ٣

٢٩- ۽ ياد رکو تہ توهانجو مال ۽ توهانجو اولاد صرف هڪ فتنو آهن ۽ اهو بہ تہ الله اها ذات آهي جنهن وٽ وڏو اجر آهي.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِنْ تَتَّقُوا اللّٰهَ يَجْعَلْ لَّكُمْ فُرْقَانًا وَّيُكَفِّرْ عَنْكُمْ سَيِّاٰتِكُمْ وَيَغْفِرْ لَكُمْ ۭ وَاللّٰهُ ذُو الْفَضْلِ الْعَظِيْمِ ﴿٢٩﴾

٣٠- اي مومنو! جيڪڏهين توهان الله جي تقويٰ اختيار ڪندؤ تہ اهو توهانجي لاءِ هڪ وڏي امتياز جو سامان پيدا ڪندو ۽ توهان جي ڪمزورين کي پري ڪري ڇڏيندو. ۽ توهانکي بخشي ڇڏيندو ۽ الله وڏي فضل وارو آهي.

وَاِذْ يَمْكُرُ بِكَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لِيُثْبِتُوْكَ اَوْ يَقْتُلُوْكَ اَوْ يُخْرِجُوْكَ ۭ وَيَمْكُرُوْنَ وَيَمْكُرُ اللّٰهُ ۭ وَاللّٰهُ خَيْرُ الْمٰكِرِيْنَ ﴿٣٠﴾

٣١- ۽ (اي رسول! انهيءَ وقت کي يادڪر) جڏهين ڪافر تنهنجي لاءِ تدبيرون ڪري رهيا هئا انهيءَ لاءِ تہ توکي (هڪ جڳهہ) قيد ڪري ڇڏين يا توکي قتل ڪري ڇڏين, يا توکي ڪڍي ڇڏين ۽ اهي بہ تدبيرون ڪري رهيا هئا, ۽ الله بہ تدبيرون ڪري رهيو هو ۽ الله تدبيرن ڪرڻ وارن ۾ سڀني کان بهتر تدبير ڪرڻ وارو آهي.

وَاِذَا تُتْلٰى عَلَيْهِمْ اٰيٰتُنَا قَالُوْا قَدْ سَمِعْنَا لَوْ نَشَاۗءُ لَقُلْنَا مِثْلَ هٰذَآ ۙ اِنْ هٰذَآ اِلَّآ اَسَاطِيْرُ الْاَوَّلِيْنَ ﴿٣١﴾

٣٢- ۽ جڏهين انهن جي سامهون اسان جون آيتون پڙهي ٻڌايون وڃن ٿيون تہ اهي چون ٿا (بس بس) اسان توهانجي ڳالهہ ٻڌي جيڪڏهين اسان چاهيون تہ اسان بہ اهڙي قسم جو ڪلام ٺاهي (پيش ڪري) سگهون ٿا. هيءَ قرآن تہ صرف پهرين جون ڳالهيون آهن.

وَاِذْ قَالُوا اللّٰهُمَّ اِنْ كَانَ هٰذَا هُوَ الْحَقَّ مِنْ عِنْدِكَ

٣٣- ۽ (ياد ڪر) جڏهين انهن چيو اي الله! جيڪڏهين تنهن جي طرف کان اهوئي (دين)

فَأَمْطِرْ عَلَيْنَا حِجَارَةً مِّنَ السَّمَآءِ أَوِ ائْتِنَا بِعَذَابٍ أَلِيمٍ ﴿٣٢﴾

حق آهي تہ اسان تي آسمان مان پٿر وساءِ، يا اسان کي ڪو بيو تڪليف سان ڀريل عذاب ڏي.

وَمَا كَانَ اللَّهُ لِيُعَذِّبَهُمْ وَأَنتَ فِيهِمْ ۚ وَمَا كَانَ اللَّهُ مُعَذِّبَهُمْ وَهُمْ يَسْتَغْفِرُونَ ﴿٣٣﴾

٣۴۔ پر الله انهن کي انهيءَ حالت ۾ عذاب نٿي ڏيئي سگهيو جڏهن تون انهن ۾ هئين ۽ نہ الله انهن کي اهڙيءَ حالت ۾ عذاب ڏيئي سگهيو ٿي جڏهن اهي استغفار ڪري رهيا هجن.

وَمَا لَهُمْ أَلَّا يُعَذِّبَهُمُ اللَّهُ وَهُمْ يَصُدُّونَ عَنِ الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ وَمَا كَانُوا أَوْلِيَآءَهُ ۚ إِنْ أَوْلِيَآؤُهُ إِلَّا الْمُتَّقُونَ وَلَٰكِنَّ أَكْثَرَهُمْ لَا يَعْلَمُونَ ﴿٣٤﴾

٣٥۔ ۽ انهنڪي ڪهڙو (مقام حاصل) آهي جنهنجي سببان باوجود انهيءَ جي جو اهي عزت واري مسجد (يعني خانہ ڪعبہ) کان (ماڻهن کي) روڪين ٿا. الله انهن کي عذاب نہ ڏيندو ۽ اهي درحقيقت انهيءَ جا متولي نہ آهن انهيءَ جا (حقيقي) متولي تہ صرف متقي آهن، پر انهن (ڪافرن) مان اڪثر انهيءَ ڳالهہ کي ڄاڻن نہ ٿا.

وَمَا كَانَ صَلَاتُهُمْ عِندَ الْبَيْتِ إِلَّا مُكَآءً وَتَصْدِيَةً ۚ فَذُوقُوا الْعَذَابَ بِمَا كُنتُمْ تَكْفُرُونَ ﴿٣٥﴾

٣٦۔ ۽ خانہ ڪعبہ وٽ انهن جي نماز سواءِ سيٽين ۽ تاڙين وڄائڻ جي ٻي آهي ڇا. پوءِ (اي ٻي دينو!) پنهن جي ڪفر جي سببان عذاب کي چکو.

إِنَّ الَّذِينَ كَفَرُوا يُنفِقُونَ أَمْوَالَهُمْ لِيَصُدُّوا عَن سَبِيلِ اللَّهِ ۚ فَسَيُنفِقُونَهَا ثُمَّ تَكُونُ عَلَيْهِمْ حَسْرَةً ثُمَّ يُغْلَبُونَ ۗ وَالَّذِينَ كَفَرُوا إِلَىٰ جَهَنَّمَ يُحْشَرُونَ ﴿٣٦﴾

٣٧۔ جن ڪفر ڪيو آهي اهي يقينن پنهنجو مال الله جي رستي کان ماڻهن کي روڪڻ لاءِ خرچ ڪن ٿا. اهي اهڙيءَ طرح انهن مالن کي خرچ ڪندا ويندا پوءِ آخر (اهو خرچ) انهن لاءِ حسرت جو موجب بڻجي ويندو ۽ اهي مغلوب ڪيا ويندا ۽ جن ماڻهن ڪفر ڪيو آهي انهنکي گڏ ڪري جهنم جي طرف نيو ويندو.

لِيَمِيزَ اللَّهُ الْخَبِيثَ مِنَ الطَّيِّبِ وَيَجْعَلَ الْخَبِيثَ

٣٨۔ انهيءَ لاءِ تہ الله خبيث کي طيب کان ممتاز ڪري ۽ خبيث شين جي ڪن حصن کي

قادر آهي.

إِذْ أَنتُم بِالْعُدْوَةِ الدُّنْيَا وَهُم بِالْعُدْوَةِ الْقُصْوَىٰ وَالرَّكْبُ أَسْفَلَ مِنكُمْ ۚ وَلَوْ تَوَاعَدتُّمْ لَاخْتَلَفْتُمْ فِي الْمِيعَادِ ۙ وَلَٰكِن لِّيَقْضِيَ اللَّهُ أَمْرًا كَانَ مَفْعُولًا لِّيَهْلِكَ مَنْ هَلَكَ عَن بَيِّنَةٍ وَيَحْيَىٰ مَنْ حَيَّ عَن بَيِّنَةٍ ۗ وَإِنَّ اللَّهَ لَسَمِيعٌ عَلِيمٌ ﴿٤٢﴾

۴۳. (انهيءَ ڏينهن) جڏهين توهان (ميدان جنگ جي) اورئين ڪناري تي هئا ۽ اهي (ڪافر) پرئين ڪناري تي هئا ۽ قافلو توهان کان هيٺئين طرف هو ۽ جيڪڏهين توهان انهن سان وعدو بہ ڪيو ها تہ توهان (جنگ جي) وقت جي باري ۾ انهن سان اختلاف ڪيو ها پر (خدا توهان کي جمع ڪري ڇڏيو) انهيءَ لاءِ تہ اهو انهيءَ ڳالهہ کي پورو ڪري جنهنجي ڪرڻ جو انهيءَ فيصلو ڪري ڇڏيو هو (۽ هيءَ نشان انهيءَ ڪري بہ ڏيکاريو ويو) انهيءَ لاءِ تہ اهو جيڪو دليل جي ذريعي مري چڪو آهي مريٰ وڃي ۽ جيڪو دليل جي ذريعي زندهہ ٿي چڪو آهي، زندهہ ٿي وڃي ۽ الله يقينن ڏاڍو ٻڌڻ وارو (۽) ڏاڍو ڄاڻڻ وارو آهي.

إِذْ يُرِيكَهُمُ اللَّهُ فِي مَنَامِكَ قَلِيلًا ۖ وَلَوْ أَرَاكَهُمْ كَثِيرًا لَّفَشِلْتُمْ وَلَتَنَازَعْتُمْ فِي الْأَمْرِ وَلَٰكِنَّ اللَّهَ سَلَّمَ ۗ إِنَّهُ عَلِيمٌ بِذَاتِ الصُّدُورِ ﴿٤٣﴾

۴۴. (هيءَ واقعو انهيءَ وقت جو آهي) جڏهين الله تنهن جي خواب ۾ توکي انهنکي گهٽ ڪري ڏيکاريو هو ۽ جيڪڏهين توکي اهي (ڪافر) وڌي تعداد ۾ ڏيکاريا وڃن ها تہ توهان ضرور ڪمزوري ڏيکاريو ها ۽ انهيءَ معاملي ۾ (يعني لڙائيءَ جي باري ۾) پاڻ ۾ جهڳڙو ڪيو ها (تہ لڙائي ڪئي وڃي يا نہ) پر الله توهان کي محفوظ رکيو. اهو دلين جي ڳالهين کي بہ خوب ڄاڻي ٿو.

وَإِذْ يُرِيكُمُوهُمْ إِذِ الْتَقَيْتُمْ فِي أَعْيُنِكُمْ قَلِيلًا وَيُقَلِّلُكُمْ فِي أَعْيُنِهِمْ لِيَقْضِيَ اللَّهُ أَمْرًا كَانَ مَفْعُولًا ۗ وَإِلَى اللَّهِ تُرْجَعُ الْأُمُورُ ﴿٤٤﴾ ع

۴۵. ۽ (ياد ڪيو) جڏهين اهو انهن (ڪافرن) کي توهانجي نظر ۾ لڙائيءَ جي وقت ڪمزور ڏيکاريندو هو ۽ توهان کي انهن جي نظر ۾ ڪمزور ڏيکاريندو هو. انهيءَ لاءِ تہ الله اها ڳالهہ پوري ڪري جنهن جو اهو فيصلو

هٰٓؤُلَآءِ دِيْنُهُمْ ۗ وَمَنْ يَّتَوَكَّلْ عَلَى اللّٰهِ فَاِنَّ اللّٰهَ عَزِيْزٌ حَكِيْمٌ ﴿٥٠﴾

کي انهن جي دين مغرور ڪري ڇڏيو آهي حالانڪ جيڪو الله تي توڪل ڪريٿو اهو ڏسي ٿو تہ الله وڏو غالب (۽) وڏي حڪمت وارو آهي.

وَلَوْ تَرٰٓى اِذْ يَتَوَفَّى الَّذِيْنَ كَفَرُوا ۙ الْمَلٰٓئِكَةُ يَضْرِبُوْنَ وُجُوْهَهُمْ وَاَدْبَارَهُمْ ۚ وَذُوْقُوْا عَذَابَ الْحَرِيْقِ ﴿٥١﴾

٥١. ڪاش جو تون انهيءَ وقت جو تصور ڪرين جڏهن ملائڪ ڪافرن جو روح قبض ڪندا آهن ۽ انهن جي منهن ۽ پٺيءَ تي ڌڪ هڻندا ويندا آهن ۽ (هيءَ چوندا ويندا آهن تہ) هڪ سڙڻ وارو عذاب چکو.

ذٰلِكَ بِمَا قَدَّمَتْ اَيْدِيْكُمْ وَاَنَّ اللّٰهَ لَيْسَ بِظَلَّامٍ لِّلْعَبِيْدِ ۙ ﴿٥٢﴾

٥٢. هيءَ (عذاب) توهانجي هٿن جي ڳڌريل ڪرتوتن جو نتيجو آهي ۽ (سمجهي وٺو تہ) الله پنهن جي ٻانهن تي ٿورڙو بہ ظلم نٿو ڪري.

كَدَاْبِ اٰلِ فِرْعَوْنَ ۙ وَالَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ ۗ كَفَرُوْا بِاٰيٰتِ اللّٰهِ فَاَخَذَهُمُ اللّٰهُ بِذُنُوْبِهِمْ ۗ اِنَّ اللّٰهَ قَوِيٌّ شَدِيْدُ الْعِقَابِ ﴿٥٣﴾

٥٣. فرعون جي قوم جي طريقي جي مطابق ۽ انهن ماڻهن جي (طريقي جي مطابق) جيڪي انهن کان پهريائين گذريا آهن (توهانجو حشر ٿيندو) انهن سڀني الله جي آيتن جو انڪار ڪيو هو انهيءَ ڪري الله انهن جي گناهن جي سببان انهن کي پڪڙيو الله يقينن وڏي طاقت وارو (۽) سخت سزا ڏيڻ وارو آهي.

ذٰلِكَ بِاَنَّ اللّٰهَ لَمْ يَكُ مُغَيِّرًا نِّعْمَةً اَنْعَمَهَا عَلٰى قَوْمٍ حَتّٰى يُغَيِّرُوْا مَا بِاَنْفُسِهِمْ ۙ وَاَنَّ اللّٰهَ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ۙ ﴿٥٤﴾

٥٤. هي (انهيءَ لاءِ هوندو) تہ الله جڏهن بہ ڪنهن قوم تي ڪا نعمت نازل ڪندو آهي تہ انهيءَ نعمت کي بدلائيندو نہ آهي، جيستائين اها قوم پنهنجي دل جي حالت کي نہ بدلائي ڇڏي ۽ الله يقينن ڏاڍو ٻڌڻ وارو (۽) ڏاڍو ڄاڻڻ وارو آهي.

كَدَاْبِ اٰلِ فِرْعَوْنَ ۙ وَالَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ ۗ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِ رَبِّهِمْ فَاَهْلَكْنٰهُمْ بِذُنُوْبِهِمْ وَاَغْرَقْنَآ اٰلَ فِرْعَوْنَ ۚ وَكُلٌّ كَانُوْا ظٰلِمِيْنَ ﴿٥٥﴾

٥٥. (اي منڪرو! توهانجو حال بہ) فرعون جي قوم ۽ انهيءَ کان پهرين ماڻهن وانگر (ٿيندو) جن پنهنجي رب جي آيتن جو انڪار ڪيو هو. تڏهن اسان انهنکي انهن جي

گناهن جي سببان تباهہ ڪري ڇڏيو ۽ انهن جا انعام انهيءَ ڪري کسيا ويا هئا جو انهن خدا کان منهن ڦيري ڇڏيو) ۽ اسان فرعون جي قوم کي غرق ڪري ڇڏيو هو ۽ اهي سڀ ظالم هئا.

إِنَّ شَرَّ الدَّوَآبِّ عِندَ اللَّهِ الَّذِينَ كَفَرُوا فَهُمْ لَا يُؤْمِنُونَ ﴿٥٥﴾

٥٦- الله جي نزديڪ اهي (ماڻهو) جانورن کان بہ بدتر آهن جن (خدا جي آيتن) جو انڪار ڪيو ۽ اهي ايمان نٿا آڻين.

الَّذِينَ عَاهَدتَّ مِنْهُمْ ثُمَّ يَنقُضُونَ عَهْدَهُمْ فِي كُلِّ مَرَّةٍ وَهُمْ لَا يَتَّقُونَ ﴿٥٦﴾

٥٧- اهي ماڻهو جن سان تو عهد ڪيو پر اهي هر دفعي پنهنجو عهد ٽوڙي ٿا ڇڏين ۽ (خدا جي) تقويٰ اختيار نٿا ڪن.

فَإِمَّا تَثْقَفَنَّهُمْ فِي الْحَرْبِ فَشَرِّدْ بِهِم مَّنْ خَلْفَهُمْ لَعَلَّهُمْ يَذَّكَّرُونَ ﴿٥٧﴾

٥٨- پوءِ جيڪڏهين تون لڙائيءَ ۾ انهن تي قابو پائي وٺين تہ انهن جي ذريعي سان جيڪي انهن جي پويان (ٻيا لشڪر) آهن انهن کي ڀڄائي ڇڏ. انهيءَ لاءِ تہ اهي نصيحت حاصل ڪن.

وَإِمَّا تَخَافَنَّ مِن قَوْمٍ خِيَانَةً فَانبِذْ إِلَيْهِمْ عَلَىٰ سَوَآءٍ إِنَّ اللَّهَ لَا يُحِبُّ الْخَآئِنِينَ ﴿٥٨﴾ ع

٥٩- ۽ جيڪڏهين تون ڪنهن قوم مان عهد ٽوڙڻ جو ڊپ رکندو هجين تہ تون اهڙيءَ طرح انهن جي عهد کي ختم ڪري ڇڏ جنهن مان هو سمجهن تہ هاڻي توهان ٻئي (فريق پنهنجي پابندين کان) آزاد آهيو. الله خيانت ڪرڻ وارن کي پسند نٿو ڪري.

وَلَا يَحْسَبَنَّ الَّذِينَ كَفَرُوا سَبَقُوا إِنَّهُمْ لَا يُعْجِزُونَ ﴿٥٩﴾

٦٠- ۽ ڪافر ڪڏهين بہ هيءَ خيال نہ ڪن تہ اهي (پنهنجي دوکي بازين جي ذريعي) اڳتي وڌي ويا آهن اهي ڪڏهين (بہ مومنن کي) بيوس نٿا بڻائي سگهن.

وَأَعِدُّوا لَهُم مَّا اسْتَطَعْتُم مِّن قُوَّةٍ وَمِن رِّبَاطِ الْخَيْلِ تُرْهِبُونَ بِهِ عَدُوَّ اللَّهِ وَعَدُوَّكُمْ وَآخَرِينَ مِن دُونِهِمْ لَا تَعْلَمُونَهُمُ اللَّهُ يَعْلَمُهُمْ وَمَا

٦١- ۽ (اي مسلمانو! گهرجي تہ) توهان انهن (وڙهڻ وارن) لاءِ جيتري قدر ممڪن ٿي سگهي پنهنجون طاقتون جمع ڪيو (ملڪي انتظام جي ذريعي بہ) ۽ سرحدن تي

تُنۡفِقُوۡا مِنۡ شَیۡءٍ فِیۡ سَبِیۡلِ اللّٰهِ یُوَفَّ اِلَیۡکُمۡ وَاَنۡتُمۡ لَا تُظۡلَمُوۡنَ ﴿٦٠﴾

جانوٺيون بنائڻ جي ذريعي بہ انهن (جانوٺين) جي ذريعي توهان الله جي دشمنن ۽ پنهنجي دشمنن کي ڊيڄاريو ٿا ۽ انهن کانسواءِ ٻين (دشمنن) کي بہ جيڪي انهن (سرحدي دشمنن) کانسواءِ آهن توهان انهن کي نٿا ڄاڻو پر الله انهنکي ڄاڻي ٿو ۽ توهان جيڪي بہ الله جي رستي ۾ خرچ ڪندؤ اهو توهانکي انهيءَ جو پورو پورو اجر ڏيندو ۽ توهان سان بي انصافيءَ جو معاملو نہ ڪيو ويندو.

وَاِنۡ جَنَحُوۡا لِلسَّلۡمِ فَاجۡنَحۡ لَهَا وَتَوَکَّلۡ عَلَی اللّٰهِ ؕ اِنَّهٗ هُوَ السَّمِیۡعُ الۡعَلِیۡمُ ﴿٦١﴾

٦٢. ۽ (جيڪڏهين توهانجي تيارين کي ڏسي ڪري) اهي (ڪافر) صلح جي طرف مائل ٿين تہ (اي رسول!) تون بہ صلح جي طرف مائل ٿيءَ ۽ الله تي توڪل ڪر. الله يقينن ڏاڍو دعائون ٻڌڻ وارو (۽) ڏاڍو ڄاڻڻ وارو آهي.

وَاِنۡ یُّرِیۡدُوۡۤا اَنۡ یَّخۡدَعُوۡکَ فَاِنَّ حَسۡبَکَ اللّٰهُ ؕ هُوَ الَّذِیۡۤ اَیَّدَکَ بِنَصۡرِهٖ وَبِالۡمُؤۡمِنِیۡنَ ﴿٦٢﴾

٦٣. ۽ جيڪڏهين اهي انهيءَ ڳالهہ جو ارادو رکندا هجن تہ بعد ۾ توکي دوکو ڏين تہ (ياد رک تہ) الله تنهن جي لاءِ يقينن ڪافي آهي. اهوئي آهي جنهن توکي مومنن جي ذريعي ۽ پنهن جي مدد جي ذريعي مضبوط ڪيو.

وَاَلَّفَ بَیۡنَ قُلُوۡبِهِمۡ ؕ لَوۡ اَنۡفَقۡتَ مَا فِی الۡاَرۡضِ جَمِیۡعًا مَّاۤ اَلَّفۡتَ بَیۡنَ قُلُوۡبِهِمۡ وَلٰکِنَّ اللّٰهَ اَلَّفَ بَیۡنَهُمۡ ؕ اِنَّهٗ عَزِیۡزٌ حَکِیۡمٌ ﴿٦٣﴾

٦٤. ۽ انهنجي دلين کي پاڻ ۾ ڳنڍي ڇڏيو (ايتري قدر جو اصحاب تنهنجي پڪهر جي جاءِ تي پنهنجو رت وهائڻ لاءِ تيار ٿي ويا) جيڪڏهين تون جيڪي ڪجهہ زمين ۾ آهي انهن تي خرچ ڪري ڇڏين ها تہ بہ انهن جي دلين کي اهڙيءَ طرح ڳنڍي نہ سگهين ها پر الله انهن ۾ باهمي محبت (۽ توسان بہ محبت) قائم ڪري ڇڏي. اهو يقينن غالب

(۽) وڏي حڪمت وارو آهي.

يَٰٓأَيُّهَا ٱلنَّبِيُّ حَسْبُكَ ٱللَّهُ وَمَنِ ٱتَّبَعَكَ مِنَ
ٱلْمُؤْمِنِينَ ﴿٦٥﴾

٦٥. اي نبي! الله ۽ اهي مومن جيڪي تنهنجي تابع ٿي ويا آهن تنهن جي لاءِ ڪافي آهن. (جيڪي مخالف آهن انهن جي پرواهه نه ڪر).

يَٰٓأَيُّهَا ٱلنَّبِيُّ حَرِّضِ ٱلْمُؤْمِنِينَ عَلَى ٱلْقِتَالِ ۚ إِن يَكُن
مِّنكُمْ عِشْرُونَ صَٰبِرُونَ يَغْلِبُوا۟ مِا۟ئَتَيْنِ ۚ وَإِن
يَكُن مِّنكُم مِّا۟ئَةٌ يَغْلِبُوٓا۟ أَلْفًا مِّنَ ٱلَّذِينَ كَفَرُوا۟
بِأَنَّهُمْ قَوْمٌ لَّا يَفْقَهُونَ ﴿٦٦﴾

٦٦. اي نبي ! مومنن کي (ڪافرن سان) وڙهڻ جي بار بار زور سان تحريڪ ڪندو رهه جيڪڏهين توهان مان ويهه ثابت قدم رهڻ وارا (مومن) هوندا ته اهي ٻه سئو (ڪافرن) تي غالب ٿي ويندا ۽ جي ڪڏهين سئو (ثابت قدم رهڻ وارا مومن) هوندا ته اهي هڪ هزار ڪافرن تي غالب ٿي ويندا،ڇو جو اهي اهڙي قوم آهن جيڪي سمجهن نه ٿا. (جڏهين ته مومن سوچي سمجهي پنهن جي ايمان تي قائم آهن).

ٱلْـَٰٔنَ خَفَّفَ ٱللَّهُ عَنكُمْ وَعَلِمَ أَنَّ فِيكُمْ ضَعْفًا ۚ فَإِن
يَكُن مِّنكُم مِّا۟ئَةٌ صَابِرَةٌ يَغْلِبُوا۟ مِا۟ئَتَيْنِ ۚ وَإِن يَكُن مِّنكُمْ
أَلْفٌ يَغْلِبُوٓا۟ أَلْفَيْنِ بِإِذْنِ ٱللَّهِ ۗ وَٱللَّهُ مَعَ ٱلصَّٰبِرِينَ ﴿٦٧﴾

٦٧. هاڻي الله توهان کان بار هلڪو ڪري ڇڏيو آهي ۽ ڄاڻي ورتو آهي ته توهان ۾ اڃا ڪجهه ڪمزوري آهي (يعني سڀ مومن انتهائي درجي جا مومن نه ٿيا آهن) پوءِ گهرجي ته جيڪڏهين توهان مان سئو ثابت قدم رهڻ وارا (مومن) هجن ته ٻن سون (ڪافرن) تي غالب اچي وڃن ۽ جيڪڏهين توهان مان هزار ثابت قدم رهڻ وارا مومن هجن ته ٻن هزار (ڪافرن) تي الله جي حڪم سان غالب اچي وڃن ۽ الله ثابت قدم رهڻ وارن ماڻهن سان آهي.

مَا كَانَ لِنَبِيٍّ أَن يَكُونَ لَهُۥٓ أَسْرَىٰ حَتَّىٰ يُثْخِنَ فِي
ٱلْأَرْضِ ۚ تُرِيدُونَ عَرَضَ ٱلدُّنْيَا ۖ وَٱللَّهُ يُرِيدُ ٱلْآخِرَةَ ۗ
وَٱللَّهُ عَزِيزٌ حَكِيمٌ ﴿٦٨﴾

٦٨. ڪنهن به نبيءَ جو اهو شان نه آهي ته اهو قيدي بنائي. جيستائين جو اهو ملڪ ۾ خون ريزي نه ڪري (جيڪڏهين توهان سواءِ باقاعده جنگ جي قيدي پڪڙيو ته) توهان

دنيوي مالن جا طالب سڌبو. حالانڪ الله توهان لاءِ آخرت جون نعمتون چاهي ٿو. الله وڏو غالب (۽) وڏين حڪمتن وارو آهي.

لَوْلَا كِتٰبٌ مِّنَ اللّٰهِ سَبَقَ لَمَسَّكُمْ فِيْمَآ اَخَذْتُمْ عَذَابٌ عَظِيْمٌ ﴿٦٨﴾

٦٩. (۽) جيڪڏهين الله جي طرفان هڪ صاف حڪم پهرئين ئي نہ گذري چڪو هجي ها تہ جيڪو ڪجهہ توهان (قيدين جو) فديو ورتو هو انهيءَ جي سببان توهانکي وڏو عذاب پهچي ها.

فَكُلُوْا مِمَّا غَنِمْتُمْ حَلٰلًا طَيِّبًا ۖ وَّاتَّقُوا اللّٰهَ ۭ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿٦٩﴾ ع

٧٠. پوءِ (جيئن تہ فديي جي اجازت جو حڪم پهرين اچي چڪو آهي) جو ڪجهہ توهانکي غنيمت مان ملي ۽ (اهو الاهي حڪم جي ماتحت) حلال ۽ طيب هجي اهو کائو ۽ الله جي تقويٰ اختيار ڪيو. الله وڏو بخشڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي.

يٰٓاَيُّهَا النَّبِيُّ قُلْ لِّمَنْ فِيْٓ اَيْدِيْكُمْ مِّنَ الْاَسْرٰٓى ۙ اِنْ يَّعْلَمِ اللّٰهُ فِيْ قُلُوْبِكُمْ خَيْرًا يُّؤْتِكُمْ خَيْرًا مِّمَّآ اُخِذَ مِنْكُمْ وَيَغْفِرْ لَكُمْ ۭ وَاللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿٧٠﴾

٧١. اي نبي ! جيڪي ماڻهو توهانجي هٿن ۾ (جنگي) قيدين جي حيثيت ۾ آهن انهن کي چؤ تہ جيڪڏهين الله توهانجي دلين ۾ نيڪي ڏسندو تہ جيڪي ڪجهہ توهان کان (جنگ جي تاوڻ طور) ورتو ويو آهي انهيءَ کان بهتر توهانکي ڏيندو ۽ (انهيءَ کانسواءِ) توهانجا گناهہ بہ معاف ڪري ڇڏيندو ۽ الله ڏاڍو بخشڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي.

وَاِنْ يُّرِيْدُوْا خِيَانَتَكَ فَقَدْ خَانُوا اللّٰهَ مِنْ قَبْلُ فَاَمْكَنَ مِنْهُمْ ۭ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌ حَكِيْمٌ ﴿٧١﴾

٧٢. ۽ جيڪڏهين اهي ( آزاد ٿيڻ تي) توسان خيانت ڪرڻ جو ارادو ڪن تہ انهيءَ کان پهرين اهي الله سان بہ خيانت ڪري چڪا آهن پوءِ بہ انهيءَ انهنکي توهان جي قبضي ۾ ڏيئي ڇڏيو ۽ الله ڏاڍو ڄاڻڻ وارو (۽) وڏي حڪمت وارو آهي.

إِنَّ الَّذِينَ آمَنُوا وَهَاجَرُوا وَجَاهَدُوا بِأَمْوَالِهِمْ وَأَنفُسِهِمْ فِي سَبِيلِ اللَّهِ وَالَّذِينَ آوَوا وَّنَصَرُوا أُولَٰئِكَ بَعْضُهُمْ أَوْلِيَاءُ بَعْضٍ ۚ وَالَّذِينَ آمَنُوا وَلَمْ يُهَاجِرُوا مَا لَكُم مِّن وَلَايَتِهِم مِّن شَيْءٍ حَتَّىٰ يُهَاجِرُوا ۚ وَإِنِ اسْتَنصَرُوكُمْ فِي الدِّينِ فَعَلَيْكُمُ النَّصْرُ إِلَّا عَلَىٰ قَوْمٍ بَيْنَكُمْ وَبَيْنَهُم مِّيثَاقٌ ۗ وَاللَّهُ بِمَا تَعْمَلُونَ بَصِيرٌ ﴿٧٢﴾

٧٣ اهي ماڻهو جن ايمان آندو آهي ۽ جن هجرت ڪئي آهي ۽ الله جي رستي ۾ پنهن جي جانين ۽ مالن جي ذريعي جهاد ڪيو آهي ۽ جن (هجرت ڪرڻ وارن کي پنهن جي گهرن ۾) جڳهه ڏني آهي ۽ (انهن جي) مدد ڪئي آهي انهن مان ڪي ڪن جا دلي دوست آهن ۽ اهي ماڻهو جن ايمان آندو آهي ۽ انهن هجرت نه ڪئي آهي انهن سان دلي دوستي ڪرڻ اوهانجو ڪم نه آهي جيستائين جو اهي هجرت نه ڪن ۽ جيڪڏهين اهي توهان کان دين جي باري ۾ مدد گهرن ته توهان تي انهن جي مدد ڪرڻ فرض آهي پر انهيءَ قوم جي خلاف نه جن جي ۽ توهان جي وچ ۾ ڪو عهد هجي ۽ الله توهانجي عملن کي ڏسي رهيو آهي.

وَالَّذِينَ كَفَرُوا بَعْضُهُمْ أَوْلِيَاءُ بَعْضٍ ۚ إِلَّا تَفْعَلُوهُ تَكُن فِتْنَةٌ فِي الْأَرْضِ وَفَسَادٌ كَبِيرٌ ﴿٧٣﴾

٧٤ ۽ جن ماڻهن ڪفر ڪيو آهي اهي پاڻ ۾ هڪ ٻئي جا دوست آهن جيڪڏهين توهان اهوئي ڪي نه ڪيو جنهن جو اسان حڪم ڏنو آهي ته زمين ۾ وڏو فساد ۽ فتنو پيدا ٿي پوندو.

وَالَّذِينَ آمَنُوا وَهَاجَرُوا وَجَاهَدُوا فِي سَبِيلِ اللَّهِ وَالَّذِينَ آوَوا وَّنَصَرُوا أُولَٰئِكَ هُمُ الْمُؤْمِنُونَ حَقًّا ۚ لَّهُم مَّغْفِرَةٌ وَرِزْقٌ كَرِيمٌ ﴿٧٤﴾

٧٥ ۽ اهي ماڻهو جن ايمان آندو آهي ۽ جن هجرت ڪئي آهي ۽ جن الله جي رستي ۾ جهاد ڪيو آهي ۽ جن (هجرت ڪرڻ وارن کي) پنهنجي گهرن ۾ جڳهه ڏني آهي ۽ (انهن جي) مدد ڪئي آهي اهي ئي سچا مومن آهن انهنکي گناهن جي معافي به حاصل ٿيندي ۽ عزت ڀريو رزق ملندو.

وَالَّذِينَ آمَنُوا مِن بَعْدُ وَهَاجَرُوا وَجَاهَدُوا مَعَكُمْ

٧٦ ۽ جيڪي ماڻهو (موجوده وقت) کانپوءِ ايمان آڻيندا ۽ هجرت به ڪندا ۽ توهان سان

فَأُولَٰٓئِكَ مِنكُمْ ۚ وَأُولُوا الْأَرْحَامِ بَعْضُهُمْ أَوْلَىٰ بِبَعْضٍ
فِي كِتَابِ اللَّهِ ۗ إِنَّ اللَّهَ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيمٌ ﴿٧٥﴾

ملي جهاد كندا اهي بہ تنهن جي جماعت مان سمجهيا ويندا ۽ كي ساڳئي رت وارا مائٹ كن جي نسبت الله جي كتاب مطابق زياده ويجها هوندا آهن. الله هر شي كي چڱيءَ ريت ڄاڻي ٿو.

# سُوْرَةُ التَّوْبَةِ مَدَنِيَّةٌ وَّهِيَ مِائَةٌ وَّتِسْعٌ وَّعِشْرُوْنَ اٰيَةً وَّسِتَّةَ عَشَرَ رُكُوْعًا

هيءَ سورت مدني آهي ۽ انهيءَ جون هڪ سئو اڻٽاليهہ آيتون ۽ سورنهن رڪوع آهن.

بَرَآءَةٌ مِّنَ اللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖٓ اِلَى الَّذِيْنَ عٰهَدْتُّمْ مِّنَ الْمُشْرِكِيْنَ ①

١. الله ۽ انهيءَ جي رسول جي طرفان (انهن آيتن ۾) انهن مشرڪن (جي الزام) کان آزاد ٿيڻ جو اعلان ڪيو وڃي ٿو جن سان توهان شرط ٻڌي هئي (تہ توهانجي فتح ٿيندي ۽ انهن جي شڪست).

فَسِيْحُوْا فِى الْاَرْضِ اَرْبَعَةَ اَشْهُرٍ وَّاعْلَمُوْٓا اَنَّكُمْ غَيْرُ مُعْجِزِى اللّٰهِ ۙ وَاَنَّ اللّٰهَ مُخْزِى الْكٰفِرِيْنَ ②

٢. تنهنڪري ملڪ عرب ۾ چار مهينا گهمي ڦري ڏسو ۽ ڄاڻي وٺو تہ توهان الله کي هارائي نٿا سگهو ۽ هيءَ (بہ ڄاڻي وٺو) تہ الله ڪافرن کي ذليل ۽ خوار ڪري ڇڏيندو.

وَاَذَانٌ مِّنَ اللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖٓ اِلَى النَّاسِ يَوْمَ الْحَجِّ الْاَكْبَرِ اَنَّ اللّٰهَ بَرِيْٓءٌ مِّنَ الْمُشْرِكِيْنَ ۙ ەۙ وَرَسُوْلُهٗ ۗ فَاِنْ تُبْتُمْ فَهُوَ خَيْرٌ لَّكُمْ ۚ وَاِنْ تَوَلَّيْتُمْ فَاعْلَمُوْٓا اَنَّكُمْ غَيْرُ مُعْجِزِى اللّٰهِ ۗ وَبَشِّرِ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِعَذَابٍ اَلِيْمٍ ③

٣. الله ۽ انجي رسول جي طرفان سڀني ماڻهن ۾ حج اڪبر جي ڏينهن اهو اعلان (ڪيو وڃي) ٿو تہ الله ۽ (اهڙيءَ طرح) انجو رسول بہ مشرڪن (جي سڀني الزامن) کان آزاد ٿي چڪا آهن (۽ مڪو فتح ٿي چڪو آهي) سو جيڪڏهين (انهيءَ نشان کي ڏسي ڪري) توهان توبہ ڪيو تہ اهو توهان لاءِ بهتر ٿيندو ۽ جيڪڏهين توهان پنهنجي منهن ڦيرائي ڇڏي تہ ڄاڻي وٺو تہ توهان هرگز الله کي هارائي نٿا سگهو ۽ تون ڪافرن کي خبر ڏئي ڇڏ تہ انهن لاءِ (هڪ) دردناڪ عذاب (مقدر) آهي.

اِلَّا الَّذِيْنَ عٰهَدْتُّمْ مِّنَ الْمُشْرِكِيْنَ ثُمَّ لَمْ يَنْقُصُوْكُمْ شَيْـًٔا وَّلَمْ يُظَاهِرُوْا عَلَيْكُمْ اَحَدًا فَاَتِمُّوْٓا اِلَيْهِمْ عَهْدَهُمْ اِلٰى مُدَّتِهِمْ ۗ اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ الْمُتَّقِيْنَ ④

٤. ها مشرڪن مان جن سان توهان عهد ڪيو آهي پوءِ انهن توهان سان (بلڪل) عهد شڪني نہ ڪئي آهي ۽ توهان جي خلاف ڪنهن جي بہ مدد نہ ڪئي توهان انهن جي عهد کي انهن (عهدن) جي (مقرر ڪيل)

مدت تائين نڀايو (۽ انهن کي ملڪ کان نه ڪڍو) الله يقينن متقين کي پسند ڪري ٿو.

فَإِذَا انْسَلَخَ الْأَشْهُرُ الْحُرُمُ فَاقْتُلُوا الْمُشْرِكِينَ حَيْثُ وَجَدْتُمُوهُمْ وَخُذُوهُمْ وَاحْصُرُوهُمْ وَاقْعُدُوا لَهُمْ كُلَّ مَرْصَدٍ ۚ فَإِنْ تَابُوا وَأَقَامُوا الصَّلَاةَ وَآتَوُا الزَّكَاةَ فَخَلُّوا سَبِيلَهُمْ ۚ إِنَّ اللَّهَ غَفُورٌ رَحِيمٌ ۝٥

٥. پوءِ جڏهن اهي چار مهينا گذري وڃن جن ۾ (عرب جي ڪافرن سان مٿين آيتن ۾) لڙائيءَ کان منع ڪئي وئي هئي (پر پوءِ وري به اهي معاهدي جي طرف راغب نه ٿيا حالانڪ اهي انهيءَ کان پهريائين مسلمانن سان وڙهي رهيا هئا) ته مشرڪن جي انهيءَ خاص گروهه کي جتي به ڏسو قتل ڪيو ۽ انهن کي گرفتار ڪري وٺو ۽ انهن کي (انهنجي قلعن ۾) بند ڪري ڇڏيو ۽ هر گهٽ تي انهن لاءِ وهو-پوءِ جيڪڏهن اهي توبه ڪن ۽ نماز قائم ڪن ۽ زڪوات ڏين ته انهن جو رستو کولي ڇڏيو الله يقينن وڏو بخشڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي.

وَإِنْ أَحَدٌ مِنَ الْمُشْرِكِينَ اسْتَجَارَكَ فَأَجِرْهُ حَتَّىٰ يَسْمَعَ كَلَامَ اللَّهِ ثُمَّ أَبْلِغْهُ مَأْمَنَهُ ۚ ذَٰلِكَ بِأَنَّهُمْ قَوْمٌ لَا يَعْلَمُونَ ۝٦

٦. ۽ مشرڪن مان جيڪڏهين توکان ڪو پناهه گهري ته انهيءَ کي پناهه ڏي ايستائين جو اهو الله جو ڪلام ٻڌي. پوءِ انهيءَ کي انهيءَ جي امن جي جڳهه تائين پهچائي ڇڏ ڇو جو اها اهڙي قوم آهي جيڪا (حقيقت کي) نٿي ڄاڻي.

كَيْفَ يَكُونُ لِلْمُشْرِكِينَ عَهْدٌ عِنْدَ اللَّهِ وَعِنْدَ رَسُولِهِ إِلَّا الَّذِينَ عَاهَدْتُمْ عِنْدَ الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ ۖ فَمَا اسْتَقَامُوا لَكُمْ فَاسْتَقِيمُوا لَهُمْ ۚ إِنَّ اللَّهَ يُحِبُّ الْمُتَّقِينَ ۝٧

٧. الله ۽ انهيءَ جا رسول مشرڪن سان ڪهڙيءَ طرح انجام اقرار ڪري سگهن ٿا. سواءِ انهن (مشرڪن) جي جن سان توهان مسجد حرام وٽ انجام ڪيو هو پوءِ جيستائين اهي (توهان جي مقابلي ۾) پنهنجي انجام تي قائم رهن، توهان به انهن سان انجام تي قائم رهو. الله انجام نه ٽوڙڻ کان بچڻ وارن کي پسند ڪري ٿو.

كَيْفَ وَإِنْ يَّظْهَرُوْا عَلَيْكُمْ لَا يَرْقُبُوْا فِيْكُمْ اِلًّا وَّلَا ذِمَّةً ۚ يُرْضُوْنَكُمْ بِاَفْوَاهِهِمْ وَتَاْبٰى قُلُوْبُهُمْ ۚ وَاَكْثَرُهُمْ فٰسِقُوْنَ ⑧

٨. (ها اهڙي قسم جي مشرڪن کي ڪا رعايت) ڪهڙيءَ طرح (ڏني سگهجي ٿي) جو جو اهي جيڪڏهن توهان تي غالب اچي وڃن تہ توهانجي ڪنهن مائٽيءَ يا انجام جي پرواهہ نہ ڪندا اهي توهان کي پنهنجي منهن (جي ڳالهين) سان خوش رکن ٿا. حالانڪ انهن جو دليون (انهن ڳالهين کان) انڪار ڪن ٿيون ۽ انهن مان اڪثر انجام ۽ اقرار کي ٽوڙڻ وارا هوندا آهن.

اِشْتَرَوْا بِاٰيٰتِ اللّٰهِ ثَمَنًا قَلِيْلًا فَصَدُّوْا عَنْ سَبِيْلِهٖ ۚ اِنَّهُمْ سَآءَ مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ⑨

٩. انهن الله جي آيتن جي بدلي ۾ هڪ ٿوري قيمت وصول ڪئي آهي ۽ انهيءَ جي رستي کان (ماڻهن کي) روڪيو آهي. يقينن انهن جا عمل ڏاڍا برا آهن.

لَا يَرْقُبُوْنَ فِيْ مُؤْمِنٍ اِلًّا وَّلَا ذِمَّةً ۚ وَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُعْتَدُوْنَ ⑩

١٠. ڪنهن مومن جي باري ۾ بہ اهي مائٽيءَ جو لحاظ نہ ٿا ڪن ۽ نہ انجام اقرار جو ۽ اهي حد کان ٽپيل آهن.

فَاِنْ تَابُوْا وَاَقَامُوا الصَّلٰوةَ وَاٰتَوُا الزَّكٰوةَ فَاِخْوَانُكُمْ فِي الدِّيْنِ ۚ وَنُفَصِّلُ الْاٰيٰتِ لِقَوْمٍ يَّعْلَمُوْنَ ⑪

١١. پوءِ جيڪڏهين اهي توبہ ڪن ۽ نمازون قائم ڪن ۽ زڪوات ڏين تہ دين ۾ توهان جا ڀائر آهن ۽ اسان (پنهن جي) آيتن کي علم واري قوم لاءِ کولي کولي بيان ڪندا آهيون.

وَاِنْ نَّكَثُوْٓا اَيْمَانَهُمْ مِّنْ بَعْدِ عَهْدِهِمْ وَطَعَنُوْا فِيْ دِيْنِكُمْ فَقَاتِلُوْٓا اَئِمَّةَ الْكُفْرِ ۙ اِنَّهُمْ لَآ اَيْمَانَ لَهُمْ لَعَلَّهُمْ يَنْتَهُوْنَ ⑫

١٢. ۽ جيڪڏهن (اهي ماڻهو) پنهن جي انجام اقرار کان پوءِ پنهن جي قسمن کي ٽوڙين ۽ توهانجي دين تي طعنو هڻن تہ (اهڙن) ڪفر جي سردارن سان لڙائي ڪيو ايستائين جو اهي شرارتن کان باز اچي وڃن چو جو انهن جي قَسمن جو ڪوبہ اعتبار ڪونهي.

اَلَا تُقَاتِلُوْنَ قَوْمًا نَّكَثُوْٓا اَيْمَانَهُمْ وَهَمُّوْا بِاِخْرَاجِ الرَّسُوْلِ وَهُمْ بَدَءُوْكُمْ اَوَّلَ مَرَّةٍ ۚ اَتَخْشَوْنَهُمْ ۚ فَاللّٰهُ

١٣. (اي مومنو!) ڇا توهان انهيءَ قوم سان نہ وڙهندؤ جن پنهن جا قسم ٽوڙيا ۽ رسول کي (انهيءَ جي گهر مان) ڪيڻ جو فيصلو

أَحَقُّ أَنْ تَخْشَوْهُ إِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿١٣﴾

ڪري ڇڏيو ۽ توهان سان (جنگ ڇيڙڻ ۾) انهن (ئي) شروعات ڪئي ڇا توهان انهن کان ڊڄو ٿا؟ (جيڪڏهين ائين آهي تہ) جيڪڏهين توهان مومن آهيو تہ ڄاڻو تہ الله انهيءَ ڳالهہ جو وڌيڪ حقدار آهي جو توهان انهيءَ کان ڊڄو.

قَاتِلُوْهُمْ يُعَذِّبْهُمُ اللّٰهُ بِأَيْدِيْكُمْ وَيُخْزِهِمْ وَيَنْصُرْكُمْ عَلَيْهِمْ وَيَشْفِ صُدُوْرَ قَوْمٍ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿١٤﴾

١٤۔ انهن سان وڙهو الله انهنڪي توهان جي هٿان عذاب ڏياريندو ۽ انهنڪي خوار ڪندو ۽ توهانڪي انهن تي غلبو ڏيندو ۽ انهيءَ (ذريعي) سان مومن قوم جي دل کي (صدمي ۽ خوف کان) نجات ڏيندو.

وَيُذْهِبْ غَيْظَ قُلُوْبِهِمْ وَيَتُوْبُ اللّٰهُ عَلٰى مَنْ يَّشَآءُ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌ حَكِيْمٌ ﴿١٥﴾

١٥۔ ۽ انهن جي دلين جي غصي کي دور ڪري ڇڏيندو ۽ الله جنهن تي چاهيندو آهي فضل ڪندو آهي ۽ الله ڏاڍو ڄاڻڻ وارو (۽) وڏي حڪمت وارو آهي.

أَمْ حَسِبْتُمْ أَنْ تُتْرَكُوْا وَلَمَّا يَعْلَمِ اللّٰهُ الَّذِيْنَ جٰهَدُوْا مِنْكُمْ وَلَمْ يَتَّخِذُوْا مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ وَلَا رَسُوْلِهٖ وَلَا الْمُؤْمِنِيْنَ وَلِيْجَةً وَاللّٰهُ خَبِيْرٌ بِمَا تَعْمَلُوْنَ ﴿١٦﴾ ع

١٦۔ ڇا توهان خيال ڪيو ٿا تہ توهان کي ائين ئي ڇڏي ڏنو ويندو, حالانڪ هن وقت تائين الله انهن ماڻهن کي جن توهان مان جهاد ڪيو آهي (انهن جي مقابلي ۾ جن جهاد نہ ڪيو آهي) ظاهر نہ ڪيو آهي جيڪي خدا ۽ انهيءَ جي رسول ۽ مومنن جي مقابلي ۾ ڪافرن سان ڳجهي سازش نہ ٿا رکن ۽ الله توهانجي اعمالن کان چڱيءَ طرح واقف آهي.

مَا كَانَ لِلْمُشْرِكِيْنَ أَنْ يَّعْمُرُوْا مَسٰجِدَ اللّٰهِ شٰهِدِيْنَ عَلٰى أَنْفُسِهِمْ بِالْكُفْرِ أُولٰٓئِكَ حَبِطَتْ أَعْمَالُهُمْ وَفِي النَّارِ هُمْ خٰلِدُوْنَ ﴿١٧﴾

١٧۔ (اهڙن) مشرڪن کي (ڪوبہ) حق نٿو پهچي تہ الله جي مسجدن کي آباد ڪن جڏهين اهي پنهنجي جانين تي (خود) ڪفر جي شاهدي ڏئي رهيا آهن. اهي ئي ماڻهو آهن جن جا عمل اجايا ويا ۽ اهي باهہ ۾ هڪ ڊگهي عرصي تائين رهندا ايندا.

إِنَّمَا يَعْمُرُ مَسٰجِدَ اللّٰهِ مَنْ اٰمَنَ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ

١٨۔ الله جي مسجدن کي تہ اهوئي آباد

وَاَقَامَ الصَّلٰوةَ وَاٰتَى الزَّكٰوةَ وَلَمْ يَخْشَ اِلَّا اللّٰهَ فَعَسٰٓى اُولٰٓئِكَ اَنْ يَّكُوْنُوْا مِنَ الْمُهْتَدِيْنَ ۝١٨

ڪندو آهي جيڪو الله ۽ قيامت جي ڏينهن تي ايمان آڻي ٿو ۽ نمازن کي قائم ڪريٿو ۽ زڪوات ڏئي ٿو ۽ الله کان سواءِ ڪنهن کان نہ ٿو ڊڄي سو ويجهو آهي جو اهڙا ماڻهو ڪاميابيءَ جي طرف آندا وڃن.

اَجَعَلْتُمْ سِقَايَةَ الْحَآجِّ وَعِمَارَةَ الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ كَمَنْ اٰمَنَ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ وَجٰهَدَ فِىْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ؕ لَا يَسْتَوٗنَ عِنْدَ اللّٰهِ ؕ وَاللّٰهُ لَا يَهْدِى الْقَوْمَ الظّٰلِمِيْنَ ۝١٩

وقف لازم

١٩- ڇا توهان حاجين کي پاڻي پيارڻ ۽ خانہ ڪعبہ کي آباد رکڻ (جي ڪم) کي انهيءَ شخص (جي ڪم) وانگر سمجهي ورتو آهي جنهن الله ۽ آخرت جي ڏينهن تي ايمان آندو ۽ انهيءَ الله جي رستي ۾ جهاد ڪيو اهي (ٻئي گروهہ) الله جي نزديڪ (هرگز) برابر نہ آهن ۽ الله ظالم قوم کي هرگز ڪاميابيءَ جي طرف نٿو وٺي وڃي.

اَلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَهَاجَرُوْا وَجٰهَدُوْا فِىْ سَبِيْلِ اللّٰهِ بِاَمْوَالِهِمْ وَاَنْفُسِهِمْ ۙ اَعْظَمُ دَرَجَةً عِنْدَ اللّٰهِ ؕ وَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْفَآئِزُوْنَ ۝٢٠

٢٠- (اهي ماڻهو) جن ايمان آندو ۽ جن هجرت ڪئي ۽ (پوءِ) الله جي رستي ۾ پنهنجي (مالن جي ذريعي بہ) ۽ جان جي ذريعي (بہ) جهاد ڪيو ۽ الله جي نزديڪ درجي ۾ تمام بلند آهن ۽ اهي ئي ماڻهو ڪامياب ٿيڻ وارا آهن.

يُبَشِّرُهُمْ رَبُّهُمْ بِرَحْمَةٍ مِّنْهُ وَرِضْوَانٍ وَّجَنّٰتٍ لَّهُمْ فِيْهَا نَعِيْمٌ مُّقِيْمٌ ۝٢١

٢١- انهن جو رب انهنکي پنهنجي عظيم الشان رحمت جي خبر ڏئي ٿو ۽ (پنهنجي) رضامندي بہ ۽ اهڙين جنتن جي بہ جن ۾ انهن لاءِ دائمي نعمت هوندي.

خٰلِدِيْنَ فِيْهَآ اَبَدًا ؕ اِنَّ اللّٰهَ عِنْدَهٗٓ اَجْرٌ عَظِيْمٌ ۝٢٢

٢٢- (اهي) انهن ۾ رهندا ايندا (ياد رکو تہ) الله وٽ يقينن ڏاڍو وڏو اجر آهي.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَتَّخِذُوْٓا اٰبَآءَكُمْ وَاِخْوَانَكُمْ اَوْلِيَآءَ اِنِ اسْتَحَبُّوا الْكُفْرَ عَلَى الْاِيْمَانِ ؕ وَمَنْ يَّتَوَلَّهُمْ مِّنْكُمْ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الظّٰلِمُوْنَ ۝٢٣

٢٣- اي مومنو! پنهنجي ابن ڏاڏن ۽ ڀائرن کي (پنهنجو حقيقي) دوست نہ بنايو جيڪڏهين اهي ايمان جي مقابلي ۾ ڪفر سان زياده محبت ڪندا هجن ۽ توهان مان جيڪي ماڻهو انهن سان اهڙي دوستي ڪندا اهي

يقينًا ظالم هوندا.

قُلْ إِنْ كَانَ آبَاؤُكُمْ وَأَبْنَاؤُكُمْ وَإِخْوَانُكُمْ وَأَزْوَاجُكُمْ وَعَشِيرَتُكُمْ وَأَمْوَالٌ اقْتَرَفْتُمُوهَا وَتِجَارَةٌ تَخْشَوْنَ كَسَادَهَا وَمَسَاكِنُ تَرْضَوْنَهَا أَحَبَّ إِلَيْكُمْ مِنَ اللَّهِ وَرَسُولِهِ وَجِهَادٍ فِي سَبِيلِهِ فَتَرَبَّصُوا حَتَّى يَأْتِيَ اللَّهُ بِأَمْرِهِ وَاللَّهُ لَا يَهْدِي الْقَوْمَ الْفَاسِقِينَ ﴿٢٤﴾ ع ٩

٢٤. تون (مومنن کي) چؤ تہ جيڪڏهين توهانجا پيءُ ڏاڏا ۽ توهانجا پٽ ۽ توهانجا ڀائر ۽ توهانجون زالون ۽ توهانجا (ٻيا) مائٽ ۽ اهي مال جيڪي توهان ڪمايا آهن ۽ اهي واپار جن جي نقصان کان توهان ڊڄو ٿا ۽ اهي گهر جنکي توهان پسند ڪيو ٿا. توهان کي الله ۽ انهيءَ جي رسول ۽ انهيءَ جي رستي ۾ جهاد ڪرڻ جي نسبت زياده پيارا آهن تہ توهان انتظار ڪيو ايستائين جو الله پنهنجي فيصلي کي ظاهر ڪري ڇڏي ۽ الله اطاعت کان نڪرڻ واري قوم کي ڪڏهين بہ (ڪاميابيءَ جو) رستو نہ ٿو ڏيکاري.

لَقَدْ نَصَرَكُمُ اللَّهُ فِي مَوَاطِنَ كَثِيرَةٍ وَيَوْمَ حُنَيْنٍ إِذْ أَعْجَبَتْكُمْ كَثْرَتُكُمْ فَلَمْ تُغْنِ عَنْكُمْ شَيْئًا وَضَاقَتْ عَلَيْكُمُ الْأَرْضُ بِمَا رَحُبَتْ ثُمَّ وَلَّيْتُمْ مُدْبِرِينَ ﴿٢٥﴾

٢٥. الله ڪيترن موقعن تي توهانجي مدد ڪئي آهي (خاص طرح) حنين (جي جنگ) جي ڏينهن جڏهين توهان جي ڪثرت توهان کي متڪبر بنائي ڇڏيو هو. پوءِ اها (ڪثرت) توهان جي ڪنهن ڪم نہ آئي ۽ زمين باوجود وسيع هئڻ جي توهان تي تنگ ٿي وئي ۽ توهان پٺ ڏيکاريندي منهن ڦيري ڇڏيو.

ثُمَّ أَنْزَلَ اللَّهُ سَكِينَتَهُ عَلَى رَسُولِهِ وَعَلَى الْمُؤْمِنِينَ وَأَنْزَلَ جُنُودًا لَمْ تَرَوْهَا وَعَذَّبَ الَّذِينَ كَفَرُوا وَذَلِكَ جَزَاءُ الْكَافِرِينَ ﴿٢٦﴾

٢٦. ۽ الله پنهنجو سڪون پنهنجي رسول ۽ مومنن تي لاٿو ۽ اهڙا لشڪر لاٿا جنکي توهان نہ ڏسي رهيا هئا ۽ ڪافرن کي عذاب ڏنو ۽ ڪافرن جي اهائي جزا آهي.

ثُمَّ يَتُوبُ اللَّهُ مِنْ بَعْدِ ذَلِكَ عَلَى مَنْ يَشَاءُ وَاللَّهُ غَفُورٌ رَحِيمٌ ﴿٢٧﴾

٢٧. ۽ الله اهڙي سزا ڪانپوءِ جنهن تي چاهي ٿو رحم ڪري ٿو ۽ الله ڏاڍو بخشڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي.

يَا أَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا إِنَّمَا الْمُشْرِكُونَ نَجَسٌ فَلَا يَقْرَبُوا

٢٨. اي مومنو! مشرڪ ماڻهو حقيقتن گندا (۽ ناپاڪ) آهن پوءِ اهي هن سال ڪانپوءِ مسجد

الْمَسْجِدَ الْحَرَامَ بَعْدَ عَامِهِمْ هٰذَا ۚ وَإِنْ خِفْتُمْ عَيْلَةً فَسَوْفَ يُغْنِيكُمُ اللّٰهُ مِنْ فَضْلِهِ إِنْ شَاءَ ۚ إِنَّ اللّٰهَ عَلِيمٌ حَكِيمٌ ﴿٢٨﴾

حرام (يعني خانہ ڪعبہ) جي ويجهو نہ اچن ۽ جيڪڏهين توهانکي غُربت جو خطرو هجي تہ الله جيڪڏهين ائين گهريو تہ توهانکي پنهن جي فضل سان ضرور غني بنائي ڇڏيندو. الله يقينن ڏاڍو ڄاڻ وارو (۽) وڏي حڪمت وارو آهي.

قَاتِلُوا الَّذِينَ لَا يُؤْمِنُونَ بِاللّٰهِ وَلَا بِالْيَوْمِ الْآخِرِ وَلَا يُحَرِّمُونَ مَا حَرَّمَ اللّٰهُ وَرَسُولُهُ وَلَا يَدِينُونَ دِينَ الْحَقِّ مِنَ الَّذِينَ أُوتُوا الْكِتَابَ حَتّٰى يُعْطُوا الْجِزْيَةَ عَنْ يَدٍ وَهُمْ صَاغِرُونَ ﴿٢٩﴾ ع ٣

٢٩. جيڪي ماڻهو الله تي ايمان نہ ٿا آڻين ۽ نہ آخرت جي ڏينهن تي ۽ نہ انهيءَ کي جنهن کي الله ۽ انهيءَ جي رسول حرام ٺهرايو آهي، حرام ٺهرائين ٿا ۽ نہ سچي دين کي اختيار ڪن ٿا. يعني اهي ماڻهو جنکي ڪتاب ڏنو ويو آهي انهن سان جنگ ڪيو، جيستائين اهي پنهنجي مرضيءَ سان جزيہ ادا نہ ڪن ۽ اهي توهان جي ماتحت نہ اچي وڃن.

وَقَالَتِ الْيَهُودُ عُزَيْرٌ ابْنُ اللّٰهِ وَقَالَتِ النَّصَارَى الْمَسِيحُ ابْنُ اللّٰهِ ۖ ذٰلِكَ قَوْلُهُمْ بِأَفْوَاهِهِمْ ۖ يُضَاهِئُونَ قَوْلَ الَّذِينَ كَفَرُوا مِنْ قَبْلُ ۚ قَاتَلَهُمُ اللّٰهُ ۚ أَنّٰى يُؤْفَكُونَ ﴿٣٠﴾

٣٠. ۽ يهودي چون ٿا تہ عذير الله جو پٽ آهي ۽ نصراني چون ٿا تہ مسيح الله جو پٽ آهي. هيءَ (ڳالهہ) صرف انهن جي وات جي بڻاوت آهي. اهي (صرف) پاڻ کان پهريائين وارن ڪافرن جي ڳالهين جو نقل ڪري رهيا آهن. الله انهن کي تباهہ ڪري، اهي (حقيقت کان) ڪيئن ڦري وڃي رهيا آهن.

اتَّخَذُوا أَحْبَارَهُمْ وَرُهْبَانَهُمْ أَرْبَابًا مِنْ دُونِ اللّٰهِ وَالْمَسِيحَ ابْنَ مَرْيَمَ وَمَا أُمِرُوا إِلَّا لِيَعْبُدُوا إِلٰهًا وَاحِدًا ۖ لَا إِلٰهَ إِلَّا هُوَ ۚ سُبْحَانَهُ عَمَّا يُشْرِكُونَ ﴿٣١﴾

٣١. اُنهن عالمن ۽ راهبن کي الله کان سواءِ پنهن جو رب بنائي ورتو آهي. اهڙيءَ طرح ابن مريم کي بہ. حالانڪ انهنکي صرف هيءَ حڪم ڏنو ويو هو تہ اهي خدا جي عبادت ڪن جنهن کانسواءِ ڪوبہ معبود ڪونهي. اهو اُنهن جي شرڪ کان پاڪ آهي.

يُرِيدُونَ أَنْ يُطْفِئُوا نُورَ اللّٰهِ بِأَفْوَاهِهِمْ وَيَأْبَى اللّٰهُ

٣٢. اهي گهرن ٿا تہ الله جي نور کي پنهن جي وات (جي ڦوڪن) سان وسائي ڇڏين ۽

إِلَّآ أَن يُتِمَّ نُورَهُۥ وَلَوْ كَرِهَ ٱلْكَـٰفِرُونَ ﴿٣٢﴾

الله پنهن جي نور کي پوري ڪرڻ کان سواءِ ٻيءَ هر ڳالهه کان انڪار ڪريٿو خواهه ڪافرن کي ڪيترو ئي برو لڳي.

هُوَ ٱلَّذِىٓ أَرْسَلَ رَسُولَهُۥ بِٱلْهُدَىٰ وَدِينِ ٱلْحَقِّ لِيُظْهِرَهُۥ عَلَى ٱلدِّينِ كُلِّهِۦ وَلَوْ كَرِهَ ٱلْمُشْرِكُونَ ﴿٣٣﴾ نصف

٣٣. اهوئي آهي جنهن پنهن جي رسول کي هدايت ۽ دين حق ڏئي موڪليو انهيءَ لاءِ تہ (باقي) سڀني دينن تي انهيءَ کي غالب ڪري ڇڏي. مشرڪن کي هيءَ ڳالهه ڏاڍي بري لڳي.

يَـٰٓأَيُّهَا ٱلَّذِينَ ءَامَنُوٓا۟ إِنَّ كَثِيرًا مِّنَ ٱلْأَحْبَارِ وَٱلرُّهْبَانِ لَيَأْكُلُونَ أَمْوَٰلَ ٱلنَّاسِ بِٱلْبَـٰطِلِ وَيَصُدُّونَ عَن سَبِيلِ ٱللَّهِ ۗ وَٱلَّذِينَ يَكْنِزُونَ ٱلذَّهَبَ وَٱلْفِضَّةَ وَلَا يُنفِقُونَهَا فِى سَبِيلِ ٱللَّهِ فَبَشِّرْهُم بِعَذَابٍ أَلِيمٍ ﴿٣٤﴾

٣٤. اي مومنوا ڪيترائي عالم ۽ راهب ماڻهن جي مالن کي غير واجبي کائين ٿا ۽ (ماڻهن کي) الله جي رستي کان روڪين ٿا ۽ اهي ماڻهو (بہ) جيڪي سون ۽ چانديءَ کي گڏ ڪن ٿا ۽ الله جي رستي ۾ خرچ نہ ٿا ڪن، انهن کي دردناڪ عذاب جي خبر ڏي.

يَوْمَ يُحْمَىٰ عَلَيْهَا فِى نَارِ جَهَنَّمَ فَتُكْوَىٰ بِهَا جِبَاهُهُمْ وَجُنُوبُهُمْ وَظُهُورُهُمْ ۖ هَـٰذَا مَا كَنَزْتُمْ لِأَنفُسِكُمْ فَذُوقُوا۟ مَا كُنتُمْ تَكْنِزُونَ ﴿٣٥﴾

٣٥. (هيءَ عذاب) انهيءَ ڏينهن (هوندو) جڏهين انهيءَ (گڏ ڪيل سون ۽ چاندي) تي جهنم جي باهہ ڀڙڪائي ويندي پوءِ انهيءَ (سون ۽ چانديءَ) سان انهن جي هٿن ۽ پاسن ۽ پٺين کي داغ لڳايا ويندا (۽ چيو ويندو تہ) هيءَ اها شي آهي جنهن کي توهان پنهنجي جانين لاءِ جمع ڪندا هئا. پوءِ جن شين کي توهان جمع ڪندا هئا انهيءَ جي مزي کي چکو.

إِنَّ عِدَّةَ ٱلشُّهُورِ عِندَ ٱللَّهِ ٱثْنَا عَشَرَ شَهْرًا فِى كِتَـٰبِ ٱللَّهِ يَوْمَ خَلَقَ ٱلسَّمَـٰوَٰتِ وَٱلْأَرْضَ مِنْهَآ أَرْبَعَةٌ حُرُمٌ ۚ ذَٰلِكَ ٱلدِّينُ ٱلْقَيِّمُ ۚ فَلَا تَظْلِمُوا۟ فِيهِنَّ أَنفُسَكُمْ ۚ وَقَـٰتِلُوا۟ ٱلْمُشْرِكِينَ كَآفَّةً كَمَا يُقَـٰتِلُونَكُمْ كَآفَّةً ۚ وَٱعْلَمُوٓا۟ أَنَّ ٱللَّهَ مَعَ ٱلْمُتَّقِينَ ﴿٣٦﴾

٣٦. يقينن مهينن جي ڳڻپ الله وٽ ٻارنهن مهينا (ئي) هوندي آهي. هيءَ الله جو قانون آهي. انهيءَ ڏينهن کان وٺي جڏهن کان آسمانن ۽ زمين کي انهيءَ پيدا ڪيو آهي، انهن (مهينن) مان چار عزت وارا مهينا (سڏبا) آهن. اهو مضبوط دين آهي پوءِ (گهرجي تہ) انهن مهينن ۾ پنهن جي جانين

تي ظلم نہ ڪندا ڪريو. ۽ سڀني مشرڪن سان وڙهو جهڙيءَ طرح اهي سڀئي توهان سان وڙهندا آهن ۽ ياد رکو تہ الله متقين سان گڏ آهي.

إِنَّمَا النَّسِيٓءُ زِيَادَةٌ فِي الْكُفْرِ يُضَلُّ بِهِ الَّذِينَ كَفَرُوا يُحِلُّونَهُ عَامًا وَيُحَرِّمُونَهُ عَامًا لِّيُوَاطِـُٔوا عِدَّةَ مَا حَرَّمَ اللَّهُ فَيُحِلُّوا مَا حَرَّمَ اللَّهُ ۚ زُيِّنَ لَهُمْ سُوٓءُ أَعْمَالِهِمْ ۗ وَاللَّهُ لَا يَهْدِي الْقَوْمَ الْكَافِرِينَ ﴿٣٧﴾ ع

٣٧- نسيءَ صرف ڪفر جي زماني جي زيادتي آهي جنهن جي ذريعي ڪافر ماڻهو گمراهہ ٿيندا رهندا آهن اهي انهيءَ کي هڪ سال حلال ٺهرائين ٿا ۽ ٻئي سال حرام ٺهرائين ٿا. انهيءَ لاءِ تہ اهي مهينن کي سال جي مقرر ڳڻپ جي برابر ڪري ڇڏين ۽ انهن مهينن جي مطابق ڪري ڇڏين جن ۾ جنگ منع آهي (۽ ٻنهن جي پيدا ڪيل تبديليءَ جي سبب ڪان جيڪو اختلاف ٿي ويو آهي انهيءَ کي پورو ڪري وٺن) انهن عملن جي خرابي (شيطان جي طرف ڪان) انهن کي خوبصورت ڪري ڏيکاري ويئي آهي ۽ الله ڪافر قوم کي ڪاميابيءَ جو رستو نٿو ڏيکاري.

يَٰٓأَيُّهَا الَّذِينَ ءَامَنُوا مَا لَكُمْ إِذَا قِيلَ لَكُمُ انفِرُوا فِي سَبِيلِ اللَّهِ اثَّاقَلْتُمْ إِلَى الْأَرْضِ ۚ أَرَضِيتُم بِالْحَيَوٰةِ الدُّنْيَا مِنَ الْءَاخِرَةِ ۚ فَمَا مَتَٰعُ الْحَيَوٰةِ الدُّنْيَا فِي الْءَاخِرَةِ إِلَّا قَلِيلٌ ﴿٣٨﴾

٣٨- اي مومنو! توهان کي ڇا ٿي ويو آهي جو جڏهين توهانکي چيو وڃي ٿو تہ الله جي رستي ۾ وڙهڻ لاءِ (سڀ ملي ڪري) نڪرو تہ توهان ماڻهو ٻنهن جي ملڪ (جي محبت) جي طرف جهڪي وڃو ٿا. ڇا توهان آخرت جي مقابلي ۾ دنيا جي زندگي پسند ڪيو ٿا؟ (جيڪڏهين ائين آهي) تہ ياد رکو تہ دنيا جي زندگيءَ جو سامان آخرت جي مقابلي ۾ صرف هڪ حقير شيءِ آهي.

إِلَّا تَنفِرُوا يُعَذِّبْكُمْ عَذَابًا أَلِيمًا وَيَسْتَبْدِلْ قَوْمًا غَيْرَكُمْ وَلَا تَضُرُّوهُ شَيْـًٔا ۗ وَاللَّهُ عَلَىٰ كُلِّ شَيْءٍ قَدِيرٌ ﴿٣٩﴾

٣٩- جيڪڏهن توهان (سڀئي گڏجي الله جي رستي ۾) وڙهڻ لاءِ نہ نڪرندؤ تہ اهو توهانکي دردناڪ عذاب ڏيندو ۽ توهان کان

سواءِ هڪ ٻي قوم کي بدلائي وٺي ايندو ۽ توهان انهيءَ کي (يعني الله کي) ڪوبہ نقصان نہ پهچائي سگهندؤ ۽ الله هر شيءِ تي (جنهن جي ڪرڻ جو اهو ارادو ڪري) قادر آهي.

إِلَّا تَنصُرُوهُ فَقَدْ نَصَرَهُ اللَّهُ إِذْ أَخْرَجَهُ الَّذِينَ كَفَرُوا ثَانِيَ اثْنَيْنِ إِذْ هُمَا فِي الْغَارِ إِذْ يَقُولُ لِصَاحِبِهِ لَا تَحْزَنْ إِنَّ اللَّهَ مَعَنَا ۖ فَأَنزَلَ اللَّهُ سَكِينَتَهُ عَلَيْهِ وَأَيَّدَهُ بِجُنُودٍ لَّمْ تَرَوْهَا وَجَعَلَ كَلِمَةَ الَّذِينَ كَفَرُوا السُّفْلَىٰ ۗ وَكَلِمَةُ اللَّهِ هِيَ الْعُلْيَا ۗ وَاللَّهُ عَزِيزٌ حَكِيمٌ ﴿٤٠﴾

٤٠. جيڪڏهن توهان انهيءَ رسول جي مدد نہ ڪيو تہ (ياد رکو تہ) الله انهيءَ جي انهيءَ وقت بہ مدد ڪري چڪو آهي. جڏهن انهيءَ کي ڪافرن ٻن مان هڪ جي صورت ۾ ڪڍي ڇڏيو هو جڏهن اهي ٻئي غار ۾ هئا ۽ جڏهن اهو پنهن جي سائيءَ (ابو بڪر) کي چئي رهيو هو تہ ڪنهن بہ ڳڻتي پل چڪ تي غم نہ ڪر الله يقينن اسان سان آهي. پوءِ الله انهيءَ تي سڪون نازل ڪيو ۽ انهيءَ جي اهڙن لشڪرن سان مدد ڪئي جن کي توهان نہ ڏسندا هئا ۽ انهن ماڻهن جي ڳالهہ کي گهٽ ڪري ڇڏيو جن ڪفر ڪيو هو ۽ الله جي ئي ڳالهہ مٿاهين ٿي رهي ٿي ۽ الله وڏو غالب (۽) حڪمت وارو آهي.

انْفِرُوا خِفَافًا وَثِقَالًا وَجَاهِدُوا بِأَمْوَالِكُمْ وَأَنفُسِكُمْ فِي سَبِيلِ اللَّهِ ۚ ذَٰلِكُمْ خَيْرٌ لَّكُمْ إِن كُنتُمْ تَعْلَمُونَ ﴿٤١﴾

٤١. اي مومنو! جهاد جي لاءِ نڪري پئو ڪٿي اوهان ٻي سازو سامان هجو يا با سازو سامان ۽ پنهن جي مالن ۽ پنهنجي جانين سان الله جي رستي ۾ جهاد ڪيو. اهو توهان لاءِ جيڪڏهن توهان سمجهو تہ ڏاڍو بهتر ٿيندو.

لَوْ كَانَ عَرَضًا قَرِيبًا وَسَفَرًا قَاصِدًا لَّاتَّبَعُوكَ وَلَٰكِن بَعُدَتْ عَلَيْهِمُ الشُّقَّةُ ۚ وَسَيَحْلِفُونَ بِاللَّهِ لَوِ اسْتَطَعْنَا لَخَرَجْنَا مَعَكُمْ يُهْلِكُونَ أَنفُسَهُمْ وَاللَّهُ يَعْلَمُ إِنَّهُمْ لَكَاذِبُونَ ﴿٤٢﴾ ع

٤٢. جيڪڏهن ويجهڙائيءَ ۾ ملڻ وارو فائدو هجي ها يا ننڍو سفر هجي ها تہ اهي ماڻهو تنهنجي پويان لڳي پون ها پر انهنکي مفاصلو پري معلوم ٿيو. پر (هاڻي اهي تنهن جي واپسيءَ کانپوءِ) الله جا قسم کڻي چوندا

تہ جيڪڏهين اسانجي طاقت ۾ هجي ها تہ اسان ضرور توهان سان نڪري پئون ها (اهي ماڻهو) پنهن جي جانين کي تباهہ ڪن ٿا ۽ الله ڄاڻي ٿو تہ اهي ڪوڙا آهن.

عَفَا اللّٰهُ عَنْكَ ۚ لِمَ اَذِنْتَ لَهُمْ حَتّٰى يَتَبَيَّنَ لَكَ الَّذِيْنَ صَدَقُوْا وَتَعْلَمَ الْكٰذِبِيْنَ ۝٤٣

٤٣- الله تنهن جي غلطيءَ جي بد اثر کي مٽائي ڇڏيو ۽ توکي عزت ڏني پر آخر تو ڇو انهن (اجازت گهرڻ وارن) کي پوئتي رهڻ جي اجازت ڏني هئي (تون انهن جي وڃڻ تي زور ڀرين ها) ايستائين جو سچ ڳالهائڻ وارا توتي ظاهر ٿي وڃن ها ۽ تون ڪوڙن کي بہ سڃاڻي وٺي ها.

لَا يَسْتَاْذِنُكَ الَّذِيْنَ يُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ اَنْ يُّجَاهِدُوْا بِاَمْوَالِهِمْ وَاَنْفُسِهِمْ ۗ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌۢ بِالْمُتَّقِيْنَ ۝٤٤

٤٤- جيڪي الله ۽ آخرت جي ڏينهن تي ايمان آڻين ٿا اهي پنهن جي مالن ۽ جانين سان جهاد ڪرڻ کان بچڻ جي اجازت نٿا گهرن الله متقين کان خوب واقف آهي.

اِنَّمَا يَسْتَاْذِنُكَ الَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ وَارْتَابَتْ قُلُوْبُهُمْ فَهُمْ فِيْ رَيْبِهِمْ يَتَرَدَّدُوْنَ ۝٤٥

٤٥- پوئتي رهڻ جي اجازت صرف اهي گهرندا آهن جيڪي الله ۽ قيامت جي ڏينهن تي ايمان نٿا رکن ۽ انهن جي دلين ۾ شڪ پئدا ٿي ويا آهن پوءِ اهي پنهن جي شڪن جي سببان ڪڏهن هيڏانهن ٿين ٿا ڪڏهن هوڏانهن.

وَلَوْ اَرَادُوا الْخُرُوْجَ لَاَعَدُّوْا لَهٗ عُدَّةً وَّلٰكِنْ كَرِهَ اللّٰهُ انْۢبِعَاثَهُمْ فَثَبَّطَهُمْ وَقِيْلَ اقْعُدُوْا مَعَ الْقٰعِدِيْنَ ۝٤٦

٤٦- ۽ جيڪڏهين اهي (جنگ لاءِ) نڪرڻ جو پختو ارادو رکن ها تہ انهيءَ لاءِ ڪا تياري بہ ڪن ها. پر الله انهن کي پنهنجي جڳهہ تي ئي ويهاري ڇڏيو ۽ انهنکي هيءَ چيو ويو (يعني انهن جي ڪافر دوستن چيو) تہ جيڪي ماڻهو ويهي رهيا آهن انهن ئي ساڻ، توهان بہ ويهي رهيو.

لَوْ خَرَجُوْا فِيْكُمْ مَّا زَادُوْكُمْ اِلَّا خَبَالًا وَّلَاَاْوْضَعُوْا

٤٧- جيڪڏهن اهي توهان سان ملي نڪرن ها تہ خرابي پئدا ڪرڻ کانسواءِ توهانجي

خِلٰلَكُمْ يَبْغُوْنَكُمُ الْفِتْنَةَ ۚ وَفِيْكُمْ سَمّٰعُوْنَ لَهُمْ ۗ
وَاللّٰهُ عَلِيْمٌۢ بِالظّٰلِمِيْنَ ﴿٤٧﴾

ڪجهہ مدد نہ ڪن ها ۽ اهي توهان جي وچ ۾ (فساد ڪرڻ لاءِ) خوب گهوڙا ڊوڙائيندا ڦرن ها (۽) توهانجي اندر فتني پيدا ڪرڻ جي خواهش ڪن ها ۽ توهان ۾ (بہ) ڪجهہ اهڙا (ماڻهو ملن ٿا) جيڪي انهن تائين پهچائڻ لاءِ ڳالهيون ٻڌندا آهن ۽ الله ظالمن کي خوب ڄاڻي ٿو.

لَقَدِ ابْتَغَوُا الْفِتْنَةَ مِنْ قَبْلُ وَقَلَّبُوْا لَكَ الْاُمُوْرَ
حَتّٰى جَآءَ الْحَقُّ وَظَهَرَ اَمْرُ اللّٰهِ وَهُمْ كٰرِهُوْنَ ﴿٤٨﴾

٤٨- انهن هن کان پهرين بہ فتنو (پيدا ڪرڻ) چاهيو ٿي ۽ تنهن جي لاءِ حالتن کي ڪيترائي ڀيرا بدلايو هو. ايستائين جو حق اچي ويو ۽ الله جو فيصلو ظاهر ٿي چڪو ۽ اهي (انهيءَ فيصلي کي) نا پسند ڪندا هئا.

وَمِنْهُمْ مَّنْ يَّقُوْلُ ائْذَنْ لِّيْ وَلَا تَفْتِنِّيْ ۗ اَلَا فِي
الْفِتْنَةِ سَقَطُوْا ۗ وَاِنَّ جَهَنَّمَ لَمُحِيْطَةٌۢ بِالْكٰفِرِيْنَ ﴿٤٩﴾

٤٩- ۽ انهن مان ڪي (منافق) اهڙا بہ آهن جيڪي چون ٿا تہ اسان کي (پوئتي رهڻ جي) اجازت ڏيو ۽ اسان کي (جنگ تي وڃڻ جي) آزمائش ۾ نہ وجهو. ٻڌي ڇڏيو. اهي ماڻهو فتني ۾ پهرين کان ئي پئجي چڪا آهن ۽ جهنم ڪافرن کي يقينن تباهہ ڪرڻ وارو آهي.

اِنْ تُصِبْكَ حَسَنَةٌ تَسُؤْهُمْ ۚ وَاِنْ تُصِبْكَ مُصِيْبَةٌ
يَّقُوْلُوْا قَدْ اَخَذْنَآ اَمْرَنَا مِنْ قَبْلُ وَيَتَوَلَّوْا وَّهُمْ
فَرِحُوْنَ ﴿٥٠﴾

٥٠- جيڪڏهن توکي ڪو فائدو پهچي ٿو تہ انهنکي برو لڳي ٿو ۽ جيڪڏهن توتي ڪا مصيبت اچي وڃي ٿي تہ هو چون ٿا تہ اسان تہ اڳ ۾ ئي پاڻ کي اڳيان اچڻ وارن ڏينهن جو انتظام ڪري ورتو هو ۽ اهي خوشيءَ وچان پٺي ورائي هليا وڃن ٿا.

قُلْ لَّنْ يُّصِيْبَنَآ اِلَّا مَا كَتَبَ اللّٰهُ لَنَا ۚ هُوَ مَوْلٰىنَا ۚ
وَعَلَى اللّٰهِ فَلْيَتَوَكَّلِ الْمُؤْمِنُوْنَ ﴿٥١﴾

٥١- تون (انهنکي) چؤ اسان کي تہ اهوئي پهچي ٿو جيڪو الله اسان لاءِ مقرر ڪري ڇڏيو آهي، اهو اسانجو ڪارساز آهي ۽ مومنن کي گهرجي تہ اهي الله تي ئي توڪل رکن.

قُلْ هَلْ تَرَبَّصُوْنَ بِنَآ اِلَّآ اِحْدَى الْحُسْنَيَيْنِ ؕ وَ نَحْنُ نَتَرَبَّصُ بِكُمْ اَنْ يُّصِيْبَكُمُ اللّٰهُ بِعَذَابٍ مِّنْ عِنْدِهٖٓ اَوْ بِاَيْدِيْنَا ۖ فَتَرَبَّصُوْٓا اِنَّا مَعَكُمْ مُّتَرَبِّصُوْنَ ﴿۵۲﴾

٥٢- تون (انهنکي) چؤ تہ ٻن ڀلائين مان هڪ ڪانسواءِ توهان اسان لاءِ ڪنهن ڳالهہ جو انتظار نٿا ڪريو ۽ اسان توهان لاءِ صرف انهيءَ ڳالهہ جو انتظار ڪيون ٿا تہ الله توهانکي پاڻ وٽان يا اسانجي هٿان عذاب پهچائيندو. پوءِ توهان بہ انتظار ڪيو ۽ اسان بہ توهان سان گڏ انتظار ڪنداسين.

قُلْ اَنْفِقُوْا طَوْعًا اَوْ كَرْهًا لَّنْ يُّتَقَبَّلَ مِنْكُمْ ؕ اِنَّكُمْ كُنْتُمْ قَوْمًا فٰسِقِيْنَ ﴿۵۳﴾

٥٣- تون (انهنکي) چؤ تہ خوشيءَ سان خرچ ڪيو توڙي بي دليءَ سان توهان کان ڪنهن صورت ۾ (توهانجو صدقو) قبول نہ ڪيو ويندو جو توهان تہ اطاعت کان نڪري وڃڻ واري قوم آهيو.

وَمَا مَنَعَهُمْ اَنْ تُقْبَلَ مِنْهُمْ نَفَقٰتُهُمْ اِلَّآ اَنَّهُمْ كَفَرُوْا بِاللّٰهِ وَبِرَسُوْلِهٖ وَلَا يَاْتُوْنَ الصَّلٰوةَ اِلَّا وَهُمْ كُسَالٰى وَلَا يُنْفِقُوْنَ اِلَّا وَهُمْ كٰرِهُوْنَ ﴿۵۴﴾

٥٤- ۽ الله ۽ انهيءَ رسول جي انڪار ڪرڻ ڪانسواءِ ۽ انهيءَ ڳالهہ کان سواءِ تہ اهي نماز ڏاڍي سستيءَ سان پڙهندا هئا ۽ خدا جي راهہ ۾ بي دليءَ سان خرچ ڪندا هئا انهن جي صدقي جي قبول ڪرڻ کي ڪنهن روڪيو آهي.

فَلَا تُعْجِبْكَ اَمْوَالُهُمْ وَلَآ اَوْلَادُهُمْ ؕ اِنَّمَا يُرِيْدُ اللّٰهُ لِيُعَذِّبَهُمْ بِهَا فِى الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَتَزْهَقَ اَنْفُسُهُمْ وَهُمْ كٰفِرُوْنَ ﴿۵۵﴾

٥٥- پوءِ تون انهن جي مالن ۽ انهن جي اولادن تي تعجب نہ ڪر. الله صرف اهو چاهي ٿو تہ هو مالن ۽ اولاد جي ذريعي انهنکي هن دنيا جي زندگيءَ ۾ عذاب ڏئي ۽ اهو (بہ تہ) انهن جو ساهہ اهڙي وقت ۾ نڪري جو اهي منڪر ئي هجن.

وَيَحْلِفُوْنَ بِاللّٰهِ اِنَّهُمْ لَمِنْكُمْ ؕ وَمَا هُمْ مِّنْكُمْ وَلٰكِنَّهُمْ قَوْمٌ يَّفْرَقُوْنَ ﴿۵۶﴾

٥٦- ۽ اهي انهيءَ ڳالهہ تي الله جا قسم کڻن ٿا تہ اهي توهان مان آهن حالانڪ اهي توهان مان نہ آهن پر اهي هڪ اهڙي جماعت آهن جيڪا سخت بزدل آهي.

لَوْ يَجِدُوْنَ مَلْجَاً اَوْ مَغٰرٰتٍ اَوْ مُدَّخَلًا لَّوَلَّوْا

٥٧- جيڪڏهين اهي ڪا پناهہ جي جاءِ يا لڪي رهڻ لاءِ غار يا ويهي رهڻ لاءِ ڪو

مان مومن هجن انهن (جي وعدن) تي (به) يقين رکي ٿو ۽ مومن جي لاءِ رحمت جو موجب آهي ۽ اهي ماڻهو جيڪي الله جي رسول کي تڪليفون پهچائين ٿا انهن لاءِ دردناڪ عذاب آهي.

يَحْلِفُونَ بِاللَّهِ لَكُمْ لِيُرْضُوكُمْ وَاللَّهُ وَرَسُولُهُ أَحَقُّ أَنْ يُرْضُوهُ إِنْ كَانُوا مُؤْمِنِينَ ﴿٦٢﴾

٦٢. اهي توهانجي خوش ڪرڻ لاءِ الله جا قسم کڻن ٿا. حالانڪ الله به ۽ انهيءَ جو رسول به زياده حقدار آهن جو انهنکي خوش ڪيو وڃي بشرطيڪ اهي (منافق) سچا مومن هجن.

أَلَمْ يَعْلَمُوا أَنَّهُ مَنْ يُحَادِدِ اللَّهَ وَرَسُولَهُ فَأَنَّ لَهُ نَارَ جَهَنَّمَ خَالِدًا فِيهَا ذَٰلِكَ الْخِزْيُ الْعَظِيمُ ﴿٦٣﴾

٦٣. ڇا انهنکي معلوم ڪونهي ته جيڪو الله ۽ انهيءَ جي رسول جي مخالفت ڪري ٿو انهيءَ لاءِ جهنم جي باهه (مقرر) آهي اهو انهيءَ ۾ رهندو ايندو ۽ اها وڏي وڏي خواري آهي.

يَحْذَرُ الْمُنَافِقُونَ أَنْ تُنَزَّلَ عَلَيْهِمْ سُورَةٌ تُنَبِّئُهُمْ بِمَا فِي قُلُوبِهِمْ قُلِ اسْتَهْزِئُوا إِنَّ اللَّهَ مُخْرِجٌ مَا تَحْذَرُونَ ﴿٦٤﴾

٦٤. منافق (ڏيک جي لاءِ) ڊپ جو اظهار ڪن ٿا ته انهن جي خلاف ڪا سورت نازل نه ٿي وڃي جيڪا انهنکي (۽ مسلمانن کي) انهن ڳالهين کان خبردار ڪري ڇڏي جيڪي انهن جي دلين ۾ آهن تون چؤ ته ٺٺول ڪندا رهو. الله (حقيقتن) انهيءَ ڳالهه کي ظاهر ڪري ڇڏيندو جنهن (جي ظاهر ڪرڻ) سان توهان (بناوٽ کان) ڊڄو ٿا.

وَلَئِنْ سَأَلْتَهُمْ لَيَقُولُنَّ إِنَّمَا كُنَّا نَخُوضُ وَنَلْعَبُ قُلْ أَبِاللَّهِ وَآيَاتِهِ وَرَسُولِهِ كُنْتُمْ تَسْتَهْزِئُونَ ﴿٦٥﴾

٦٥. ۽ جيڪڏهن تون انهن کان پڇين (ته توهان اهڙيون ڳالهيون ڇو ٿا ڪيو) ته اهي ضرور اهو جواب ڏيندا ! اسان ته صرف مذاق ۽ کل ڪئي ٿي. تون انهنکي جواب ڏي ته ڇا الله ۽ انهيءَ جي آيتن ۽ انهيءَ جي رسول سان مذاق ۽ کل ڪندا هئا.

لَا تَعْتَذِرُوا قَدْ كَفَرْتُمْ بَعْدَ إِيمَانِكُمْ إِنْ نَعْفُ عَنْ

٦٦. هاڻي ڪوبه عذر نه ڪيو. توهان

طَآئِفَةٍ مِّنْكُمْ نُعَذِّبْ طَآئِفَةًۢ بِاَنَّهُمْ كَانُوْا مُجْرِمِيْنَ ﴿٦٦﴾

ايمان آڻي ڪفر ڪيو (پوءِ انهيءَ جي سزا وٺو) جيڪڏهن اسان توهان مان هڪ گروهه کي معاف ڪري ڇڏيون ۽ هڪ ٻئي گروهه کي عذاب ڏئي ڇڏيون انهيءَ لاءِ تہ اهي مجرم هئا (تہ اهو اسانجو ڪم آهي).

اَلْمُنٰفِقُوْنَ وَالْمُنٰفِقٰتُ بَعْضُهُمْ مِّنْۢ بَعْضٍ يَاْمُرُوْنَ بِالْمُنْكَرِ وَيَنْهَوْنَ عَنِ الْمَعْرُوْفِ وَيَقْبِضُوْنَ اَيْدِيَهُمْ نَسُوا اللّٰهَ فَنَسِيَهُمْ اِنَّ الْمُنٰفِقِيْنَ هُمُ الْفٰسِقُوْنَ ﴿٦٧﴾

٦٧- منافق مرد ۽ منافق عورتون پاڻ ۾ هڪ ٻئي سان تعلق رکن ٿيا. اهي برين ڳالهين جو حڪم ڏين ٿا ۽ سٺين ڳالهين جي خلاف تعليم ڏين ٿا ۽ پنهنجي هٿن کي (خدا جي راهہ ۾ خرچ ڪرڻ کان) روڪين ٿا. انهن الله کي ترڪ ڪري ڇڏيو سو الله بہ انهنکي ترڪ ڪري ڇڏيو. منافق يقينن اطاعت کان نڪرڻ وارا آهن.

وَعَدَ اللّٰهُ الْمُنٰفِقِيْنَ وَالْمُنٰفِقٰتِ وَالْكُفَّارَ نَارَ جَهَنَّمَ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا هِيَ حَسْبُهُمْ وَلَعَنَهُمُ اللّٰهُ وَلَهُمْ عَذَابٌ مُّقِيْمٌ ﴿٦٨﴾

٦٨- الله منافق مردن ۽ منافق عورتن ۽ ڪافرن سان جهنم جي باهہ جو وعدو ڪيو آهي، اهي انهيءَ ۾ (هميشه) رهندا ايندا اهو انهن (جو پورو ڏيان ڇڪڻ) لاءِ ڪافي آهي (۽ انهيءَ ڪانسواءِ) الله انهنکي (پنهنجي درگاه مان) ڌڪاري بہ ڇڏيو آهي ۽ انهن لاءِ هڪ قائم رهڻ وارو عذاب (مقدر) آهي.

كَالَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِكُمْ كَانُوْا اَشَدَّ مِنْكُمْ قُوَّةً وَّاَكْثَرَ اَمْوَالًا وَّاَوْلَادًا فَاسْتَمْتَعُوْا بِخَلَاقِهِمْ فَاسْتَمْتَعْتُمْ بِخَلَاقِكُمْ كَمَا اسْتَمْتَعَ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِكُمْ بِخَلَاقِهِمْ وَخُضْتُمْ كَالَّذِيْ خَاضُوْا اُولٰٓئِكَ حَبِطَتْ اَعْمَالُهُمْ فِي الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةِ وَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْخٰسِرُوْنَ ﴿٦٩﴾

٦٩- (اي منافقو ! هي عذاب) انهن ماڻهن (جي سزا) وانگر (هوندو) جيڪي توهان کان پهرئين گذري چڪا آهن. اهي توهان کان زياده طاقتور هئا اهي زياده مالدار (هئا) ۽ زياده اولاد وارا هئا. پوءِ انهن پنهن جي حصي جي مطابق فائدو ورتو ۽ توهان پنهنجي حصي جي مطابق فائدو ورتو. جهڙيءَ طرح جو توهان کان پهرئين ماڻهن پنهنجي حصي جي مطابق فائدو ورتو ۽ توهان اهڙيءَ طرح ڪل مذاق ڪئي جهڙيءَ

طرح انهن مانهن کل مذاق ڪئي هئي. انهن جا عمل دنيا جي متعلق بہ ۽ آخرت جي متعلق بہ ضايع ٿي ويا ۽ اهي ماڻهو نقصان حاصل ڪرڻ وارن (ماڻهن ۾ شامل) ٿي ويا.

أَلَمْ يَأْتِهِمْ نَبَأُ الَّذِينَ مِن قَبْلِهِمْ قَوْمِ نُوحٍ وَعَادٍ
وَثَمُودَ وَقَوْمِ إِبْرَاهِيمَ وَأَصْحَابِ مَدْيَنَ وَالْمُؤْتَفِكَاتِ
أَتَتْهُمْ رُسُلُهُم بِالْبَيِّنَاتِ فَمَا كَانَ اللَّهُ لِيَظْلِمَهُمْ
وَلَٰكِن كَانُوا أَنفُسَهُمْ يَظْلِمُونَ ﴿٧٠﴾

٧٠. ڇا انهن وٽ انهن ماڻهن جون خبرون نہ آيون جيڪي انهن کان پهريائين گذري چڪا آهن (يعني) نوح ۽ عاد جي (قوم جون) ۽ ثمود جي (قوم جي جيڪا صالح جي قوم هئي) ۽ ابراهيم جي قوم جون ۽ مدين جي ماڻهن جون ۽ ڦوٽن جي ماڻهن (يعني لوط جي قوم جون). انهن وٽ انهن جا رسول کليل نشان کڻي آيا هئا (پر انهن انڪار ڪيو ۽ سزا پاتي) الله انهن تي ظلم نہ ڪيو پر اهي پنهن جي جان تي (خود) ظلم ڪري رهيا هئا.

وَالْمُؤْمِنُونَ وَالْمُؤْمِنَاتُ بَعْضُهُمْ أَوْلِيَاءُ بَعْضٍ ربع
يَأْمُرُونَ بِالْمَعْرُوفِ وَيَنْهَوْنَ عَنِ الْمُنكَرِ وَ
يُقِيمُونَ الصَّلَاةَ وَيُؤْتُونَ الزَّكَاةَ وَيُطِيعُونَ اللَّهَ
وَرَسُولَهُ أُولَٰئِكَ سَيَرْحَمُهُمُ اللَّهُ إِنَّ اللَّهَ عَزِيزٌ
حَكِيمٌ ﴿٧١﴾

٧١. ۽ مومن مرد ۽ مومن عورتون پاڻ ۾ هڪ ٻئي جا دوست آهن. اهي نيڪ ڳالهين جو حڪم ڏين ٿا ۽ برين ڳالهين کان روڪين ٿا ۽ نماز کي قائم ڪن ٿا ۽ زڪوات ڏين ٿا ۽ الله ۽ انهيءَ جي رسول جي اطاعت ڪن ٿا اهي اهڙا ماڻهو آهن جو الله ضرور انهن تي رحم ڪندو الله غالب (۽) وڏي حڪمت وارو آهي.

وَعَدَ اللَّهُ الْمُؤْمِنِينَ وَالْمُؤْمِنَاتِ جَنَّاتٍ تَجْرِي مِن
تَحْتِهَا الْأَنْهَارُ خَالِدِينَ فِيهَا وَمَسَاكِنَ طَيِّبَةً فِي
جَنَّاتِ عَدْنٍ وَرِضْوَانٌ مِّنَ اللَّهِ أَكْبَرُ ذَٰلِكَ هُوَ
الْفَوْزُ الْعَظِيمُ ﴿٧٢﴾ ع ٩ ١٥

٧٢. الله مومن مردن ۽ مومن عورتن سان اهڙين جنتن جا وعدا ڪيا آهن. جن جي هيٺان نهرون وهن ٿيون. اهي انهن ۾ هميشه رهندا ۽ هميشه رهڻ وارين جنتن ۾ پاڪ رهائش گاهن جو (بہ وعدو ڪيو آهي) ۽ انهن کانسواءِ الله جي رضامندي سڀ کان وڏو انعام آهي (جيڪو انهنکي ملندو) (۽) انهيءَ جو ملڻ

(تمام) وڏي ڪاميابي آهي.

يٰٓاَيُّهَا النَّبِيُّ جَاهِدِ الْكُفَّارَ وَالْمُنٰفِقِيْنَ وَاغْلُظْ عَلَيْهِمْ ۭ وَمَاْوٰىهُمْ جَهَنَّمُ ۭ وَبِئْسَ الْمَصِيْرُ ۝٧٣

٧٣ اي نبي ! ڪافرن ۽ منافقن سان جهاد ڪيو ۽ پڪو انتظام ڪري انهن تي سختيءَ (سان حملو) ڪيو. انهن جو ٺڪاڻو جهنم آهي ۽ اهو (رهڻ جي لحاظ کان) تمام بري جڳهه آهي.

يَحْلِفُوْنَ بِاللّٰهِ مَا قَالُوْا ۭ وَلَقَدْ قَالُوْا كَلِمَةَ الْكُفْرِ وَكَفَرُوْا بَعْدَ اِسْلَامِهِمْ وَهَمُّوْا بِمَا لَمْ يَنَالُوْا ۚ وَمَا نَقَمُوْٓا اِلَّآ اَنْ اَغْنٰىهُمُ اللّٰهُ وَرَسُوْلُهٗ مِنْ فَضْلِهٖ ۚ فَاِنْ يَّتُوْبُوْا يَكُ خَيْرًا لَّهُمْ ۚ وَاِنْ يَّتَوَلَّوْا يُعَذِّبْهُمُ اللّٰهُ عَذَابًا اَلِيْمًا ۙ فِي الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةِ ۚ وَمَا لَهُمْ فِي الْاَرْضِ مِنْ وَّلِيٍّ وَّلَا نَصِيْرٍ ۝٧٤

٧٤ اهي الله جا قسم کڻن ٿا تہ انهن ڪابہ (بري) ڳالهہ نہ چئي آهي حالانڪ انهن ڪفر جي ڳالهہ چئي آهي ۽ اسلام آڻڻ کانپوءِ ڪفر ڪيو آهي ۽ (اسلام جي خلاف) اهڙين (مڪروہ) ڳالهين جو ارادو ڪيو آهي جنکي اهي حاصل نٿا ڪري سگهن ۽ انهن مسلمانن سان صرف انهيءَ ڪري دشمني ڪئي جو الله ۽ انجي رسول انهن کي پنهنجي فضل سان مال دار بنائي ڇڏيو هو. پوءِ جيڪڏهن اهي توبہ ڪن تہ انهن لاءِ سٺو ٿيندو ۽ جيڪڏهن اهي پٺي ڏيئي هليا ويندا تہ الله انهنکي دنيا ۾ بہ ۽ آخرت ۾ (بہ) دردناڪ عذاب ڏيندو ۽ هن دنيا ۾ نہ ڪو انهن جو ڪو دوست هوندو ۽ نہ مددگار.

وَمِنْهُمْ مَّنْ عٰهَدَ اللّٰهَ لَىِٕنْ اٰتٰىنَا مِنْ فَضْلِهٖ لَنَصَّدَّقَنَّ وَلَنَكُوْنَنَّ مِنَ الصّٰلِحِيْنَ ۝٧٥

٧٥ ۽ انهن مان (ڪجهہ ماڻهو) اهڙا بہ آهن جيڪي الله سان اهو عهد ڪن ٿا تہ جيڪڏهن اهو (الله) اسان کي پنهن جي فضل سان ڪجهہ ڏيندو تہ اسان ضرور انهيءَ جي راهہ ۾ صدقو ڪنداسين ۽ اسان ضرور نيڪ بنجي ويندا سين.

فَلَمَّآ اٰتٰىهُمْ مِّنْ فَضْلِهٖ بَخِلُوْا بِهٖ وَتَوَلَّوْا وَّهُمْ مُّعْرِضُوْنَ ۝٧٦

٧٦ ۽ جڏهن انهيءَ (خدا) انهنکي پنهنجي فضل سان مال عطا فرمايو تہ انهن انهيءَ جي راهہ ۾ انهيءَ کي خرچ ڪرڻ کان بخل ڪيو ۽ (خدا ۽ رسول جي ڳالهين کان) منهن

موڙيندي پٺي ڦيرائي ڇڏي.

فَأَعْقَبَهُمْ نِفَاقًا فِي قُلُوبِهِمْ إِلَىٰ يَوْمِ يَلْقَوْنَهُ بِمَا أَخْلَفُوا اللَّهَ مَا وَعَدُوهُ وَبِمَا كَانُوا يَكْذِبُونَ ۝٧٧

٧٧. پوءِ (نتيجو اهو ٿيو جو) انهيءَ انهن جي دلين ۾ انهيءَ ڏينهن تائين جڏهن اهي انهن سان ملندا نفاق جو سلسلو رائج ڪري ڇڏيو ڇو جو انهن جيڪو خدا سان واعدو ڪيو هو انهيءَ جي خلاف ورزي ڪئي ۽ انهيءَ سبب ڪري جو اهي ڪوڙ ڳالهائيندا هئا.

أَلَمْ يَعْلَمُوا أَنَّ اللَّهَ يَعْلَمُ سِرَّهُمْ وَنَجْوَاهُمْ وَأَنَّ اللَّهَ عَلَّامُ الْغُيُوبِ ۝٧٨

٧٨. ڇا انهنکي معلوم نه هو ته الله انهن جي مخفي مشورن (کي به ڄاڻي ٿو) ۽ انهن جي ظاهري مشورن کي (به) ڄاڻي ٿو. ۽ هيءَ ته الله چڱيءَ طرح غيب جي ڳالهين کان واقف آهي.

الَّذِينَ يَلْمِزُونَ الْمُطَّوِّعِينَ مِنَ الْمُؤْمِنِينَ فِي الصَّدَقَاتِ وَالَّذِينَ لَا يَجِدُونَ إِلَّا جُهْدَهُمْ فَيَسْخَرُونَ مِنْهُمْ ۙ سَخِرَ اللَّهُ مِنْهُمْ وَلَهُمْ عَذَابٌ أَلِيمٌ ۝٧٩

٧٩. اهي (منافق ئي) آهن جيڪي مومنن مان خوشيءَ سان اڳتي وڌي صدقي ڏيڻ وارن تي طنز ڪندا آهن ۽ انهن تي به جيڪي سواءِ پنهنجي (محنت جي) ڪمائي جي (ڪابه) طاقت نٿا رکن سو (باوجود انهيءَ قرباني جي) اهي (منافق) انهن تي کلون ڪندا آهن الله انهن (مان سخت مخالفن) کي کلڻ جي سزا ڏيندو ۽ انهنکي دردناڪ عذاب پهچائيندو.

اسْتَغْفِرْ لَهُمْ أَوْ لَا تَسْتَغْفِرْ لَهُمْ إِنْ تَسْتَغْفِرْ لَهُمْ سَبْعِينَ مَرَّةً فَلَنْ يَغْفِرَ اللَّهُ لَهُمْ ۚ ذَٰلِكَ بِأَنَّهُمْ كَفَرُوا بِاللَّهِ وَرَسُولِهِ ۗ وَاللَّهُ لَا يَهْدِي الْقَوْمَ الْفَاسِقِينَ ۝٨٠ ع

٨٠. تون انهن لاءِ استغفار ڪرين يا نه ڪرين (انهن جي لاءِ برابر آهي) جيڪڏهن تون انهن لاءِ ڪٿي ستر دفعا به استغفار ڪندين ته به الله انهنکي ڪڏهن معاف نه ڪندو. اهو انهيءَ ڪري ٿيندو جو انهن الله ۽ انجي رسول جو انڪار ڪيو ۽ الله اطاعت کان نڪري وڃڻ واري قوم کي ڪڏهن به ڪاميابي جو رستو نٿو ڏيکاري.

فَرِحَ الْمُخَلَّفُونَ بِمَقْعَدِهِمْ خِلَافَ رَسُولِ اللَّهِ وَ

٨١. (جهاد کان) پوئتي ڇڏيل (منافق) الله

كَرِهُوٓا أَنْ يُّجَاهِدُوا بِأَمْوَالِهِمْ وَأَنْفُسِهِمْ فِيْ سَبِيْلِ
اللّٰهِ وَقَالُوْا لَا تَنْفِرُوْا فِي الْحَرِّ ۗ قُلْ نَارُ جَهَنَّمَ أَشَدُّ
حَرًّا ۚ لَوْ كَانُوْا يَفْقَهُوْنَ ﴿٨١﴾

جي رسول جي (حڪم جي) خلاف (هلي ڪري) پنهنجي جڳهہ تي ويهي رهڻ تي ڏاڍا خوش آهن ۽ انهن پنهنجي جانين ۽ پنهنجي مالن سان جهاد ڪرڻ کي برو سمجهو هو ۽ (هڪ ٻئي کي) چيو هو تہ اهڙي (سخت) گرميءَ ۾ جنگ جي لاءِ (گڏ ٿي) نہ نڪرو - تون (انهنکي) چؤ تہ جهنم جي باهہ (انهيءَ گرمي کان) زياده سخت آهي. ڪاش جو اهي سمجهن ها.

فَلْيَضْحَكُوْا قَلِيْلًا وَّلْيَبْكُوْا كَثِيْرًا ۚ جَزَآءًۢ بِمَا
كَانُوْا يَكْسِبُوْنَ ﴿٨٢﴾

۸۲- بس گهرجي تہ (پنهن جي انهيءَ ذوکي بازيءَ تي) اهي ٿورو کلن ۽ پنهن جي عمل جي جزا تي وڌيڪ روئن.

فَإِنْ رَّجَعَكَ اللّٰهُ إِلٰى طَآئِفَةٍ مِّنْهُمْ فَاسْتَأْذَنُوْكَ
لِلْخُرُوْجِ فَقُلْ لَّنْ تَخْرُجُوْا مَعِيَ أَبَدًا وَّلَنْ تُقَاتِلُوْا
مَعِيَ عَدُوًّا ۗ إِنَّكُمْ رَضِيْتُمْ بِالْقُعُوْدِ أَوَّلَ مَرَّةٍ
فَاقْعُدُوْا مَعَ الْخٰلِفِيْنَ ﴿٨٣﴾

۸۳- پوءِ جيڪڏهن الله توکي انهن مان هڪ گروهہ جي طرف موٽائي ۽ اهي ماٺهو (ڪنهن آئندهہ) جنگ تي وڃڻ جي توکان اجازت گهرن تہ تون انهنکي چؤ تہ توهان کي ڪڏهن بہ (آئندهہ) مون سان گڏ (جنگ تي) وڃڻ جي اجازت نہ هوندي ۽ ڪڏهن بہ توهان دشمن سان،مون سان گڏجي نہ وڙهندو (چو جو) توهان پهريون دفعو (پوئتي) ويهي رهڻ تي راضي ٿي ويا هئا. پوءِ (آئندهہ هميشه) پوئتي رهجي وڃڻ وارن سان ويهي رهندا ڪيو.

وَلَا تُصَلِّ عَلٰٓى أَحَدٍ مِّنْهُمْ مَّاتَ أَبَدًا وَّلَا تَقُمْ
عَلٰى قَبْرِهٖ ۗ إِنَّهُمْ كَفَرُوْا بِاللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ وَمَاتُوْا وَ
هُمْ فٰسِقُوْنَ ﴿٨٤﴾

۸۴- ۽ انهن مان جيڪڏهن ڪو مري وڃي تہ انهيءَ تي نماز (جنازه) نہ پڙهندو ڪر ۽ نہ انهيءَ جي قبر تي (دعا جي لاءِ) بيهندو ڪر چو جو انهن الله ۽ انهيءَ جي رسول جو انڪار ڪيو ۽ اهڙيءَ حالت ۾ مئا آهن، جڏهن تہ اهي اطاعت کان خارج ٿي رهيا هئا.

وَلَا تُعْجِبْكَ أَمْوَالُهُمْ وَأَوْلَادُهُمْ ۚ إِنَّمَا يُرِيدُ
اللَّهُ أَن يُعَذِّبَهُم بِهَا فِي الدُّنْيَا وَتَزْهَقَ أَنفُسُهُمْ
وَهُمْ كَافِرُونَ ﴿٨٥﴾

٨٥ـ ۽ انهن جو مال ۽ انهن جو اولاد توکي تعجب ۾ نہ وجهن الله صرف هي چاهي ٿو تہ انهن مالن ۽ اولادن جي ذريعي انهن کي هن دنيا ۾ عذاب ڏئي ۽ اهو تہ انهن جا ساهہ اهڙي وقت نڪرن جو اهي منڪر ٿي هجن.

وَإِذَا أُنزِلَتْ سُورَةٌ أَنْ آمِنُوا بِاللَّهِ وَجَاهِدُوا مَعَ
رَسُولِهِ اسْتَأْذَنَكَ أُولُو الطَّوْلِ مِنْهُمْ وَقَالُوا ذَرْنَا
نَكُن مَّعَ الْقَاعِدِينَ ﴿٨٦﴾

٨٦ـ ۽ جڏهن ڪا سورت (هن حڪم سان) نازل ٿيندي آهي تہ الله تي ايمان آڻيو ۽ انهيءَ جي رسول سان ملي جهاد ڪيو تہ انهن مان مالدار ماڻهو توکان اجازت وٺڻ لڳندا آهن ۽ چوندا آهن اسان کي پوئتي ڇڏي وڃو انهيءَ لاءِ تہ اسان انهن ماڻهن سان رهون جيکي پوئتي ويهڻ وارا هوندا.

رَضُوا بِأَن يَكُونُوا مَعَ الْخَوَالِفِ وَطُبِعَ عَلَىٰ قُلُوبِهِمْ
فَهُمْ لَا يَفْقَهُونَ ﴿٨٧﴾

٨٧ـ اهي انهيءَ ڳالهہ ۾ خوش آهن تہ پوئتي ويهي رهڻ وارن قبيلن ۾ شامل ٿي وڃن ۽ انهن جي دلين تي مهر ڪئي ويئي آهي. پوءِ اهي (پنهنجي بدعملن جي سببان) سمجهن نٿا.

لَٰكِنِ الرَّسُولُ وَالَّذِينَ آمَنُوا مَعَهُ جَاهَدُوا بِأَمْوَالِهِمْ
وَأَنفُسِهِمْ ۚ وَأُولَٰئِكَ لَهُمُ الْخَيْرَاتُ ۖ وَأُولَٰئِكَ هُمُ
الْمُفْلِحُونَ ﴿٨٨﴾

٨٨ـ پر هيءَ رسول (يعني آنحضرت صلي الله عليه وسلم) ۽ جن انهيءَ سان گڏجي (خدا تي) ايمان آندو آهي ۽ جن پنهن جي مال ۽ پنهنجي جانين جي ذريعي جهاد ڪيو آهي. انهن لاءِ هر قسم جون ڀلائيون آهن ۽ اهي ئي (آخر) ڪامياب ٿيڻ وارا آهن.

أَعَدَّ اللَّهُ لَهُمْ جَنَّاتٍ تَجْرِي مِن تَحْتِهَا الْأَنْهَارُ
خَالِدِينَ فِيهَا ۚ ذَٰلِكَ الْفَوْزُ الْعَظِيمُ ﴿٨٩﴾ ع

٨٩ـ الله انهن لاءِ اهڙيون جنتون تيار ڪيون آهن، جن جي هيٺان نهرون وهنديون آهن اهي انهن باغن ۾ هميشہ لاءِ رهندا ايندا. اها تمام وڏي ڪاميابي آهي.

وَجَاءَ الْمُعَذِّرُونَ مِنَ الْأَعْرَابِ لِيُؤْذَنَ لَهُمْ

٩٠ـ ۽ مديني جي ارد گرد جهنگلن (۽ ننڍن ڳوٺن) ۾ رهڻ وارن ماڻهن مان بهانا بنائيندڙ

وَقَعَدَ الَّذِينَ كَذَبُوا اللَّهَ وَرَسُولَهُ ۚ سَيُصِيبُ الَّذِينَ كَفَرُوا مِنْهُمْ عَذَابٌ أَلِيمٌ ﴿٩٠﴾

(ماڻهو) اجي چون ٿا تہ انهنکي (بہ) پوئتي رهڻ جي اجازت ڏني وڃي ۽ اهي ماڻهو جن الله ۽ انجي رسول سان ڪوڙ ڳالهايو آهي (بغير اجازت جي ئي) پوئتي رهي پيا آهن. انهن مان جيڪي ڪافر آهن انهن کي يقينن دردناڪ عذاب ملندو.

لَيْسَ عَلَى الضُّعَفَاءِ وَلَا عَلَى الْمَرْضَىٰ وَلَا عَلَى الَّذِينَ لَا يَجِدُونَ مَا يُنفِقُونَ حَرَجٌ إِذَا نَصَحُوا لِلَّهِ وَرَسُولِهِ ۚ مَا عَلَى الْمُحْسِنِينَ مِن سَبِيلٍ ۚ وَاللَّهُ غَفُورٌ رَّحِيمٌ ﴿٩١﴾

٩١. (پر اي رسول!) جيڪي واقعي ڪمزور آهن ۽ بيمار آهن ۽ جن ماڻهن کي راهہ جو خرچ ڪونهي انهن تي (پوئتي رهجي وڃڻ جي سبب) ڪابہ پڪڙ نہ ٿيندي جڏهين تہ اهي دلي طرح سان الله ۽ انجي رسول سان مخلص آهن (اهي ماڻهو محسن آهن) ۽ محسنن تي ڪو الزام ناهي ۽ الله ڏاڍو بخشڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي.

وَلَا عَلَى الَّذِينَ إِذَا مَا أَتَوْكَ لِتَحْمِلَهُمْ قُلْتَ لَا أَجِدُ مَا أَحْمِلُكُمْ عَلَيْهِ تَوَلَّوا وَّأَعْيُنُهُمْ تَفِيضُ مِنَ الدَّمْعِ حَزَنًا أَلَّا يَجِدُوا مَا يُنفِقُونَ ﴿٩٢﴾

٩٢. ۽ نہ انهن ماڻهن تي (ڪو الزام آهي) جيڪي تو وٽ ان وقت آيا جڏهين جنگ جو اعلان ڪيو ويو هو. ان لاءِ تہ تون انهنکي ڪا سواري مهيا ڪري ڏئين. تہ تو جواب ڏنو تہ مون وٽ ڪا شيءِ ڪانهي جنهن تي توهان کي سوار ڪرايان ۽ (هي جواب ٻڌي ڪري) اهي هليا ويا ۽ (ان) ڏک ڪري انهن جي اکين مان ڳوڙها وهي رهيا هئا تہ افسوس انهن وٽ ڪجهہ بہ ڪونهي جنهن کي (خدا جي راهہ ۾) خرچ ڪن.

إِنَّمَا السَّبِيلُ عَلَى الَّذِينَ يَسْتَأْذِنُونَكَ وَهُمْ أَغْنِيَاءُ ۚ رَضُوا بِأَن يَكُونُوا مَعَ الْخَوَالِفِ وَطَبَعَ اللَّهُ عَلَىٰ قُلُوبِهِمْ فَهُمْ لَا يَعْلَمُونَ ﴿٩٣﴾

٩٣. الزام صرف انهن ماڻهن تي آهي جيڪي اهڙيءَ حالت ۾ اجازت گهرن ٿا جيڪي مالدار هوندا آهن. اهي پوئتي ويهي رهڻ وارن قبيلن سان (ويهي رهڻ تي) راضي ٿي ويا. ۽ الله انهن جي دلين تي مهر هڻي ڇڏي پر اهي (اهڙا آهن جو) سمجهن ٿي نہ ٿا.

جاڻون ٿا. اسين انهن کي ٻه دفعا عذاب ڏينداسين پوءِ اهي هڪ تمام وڏي عذاب جي طرف موٽايا ويندا.

وَاٰخَرُوْنَ اعْتَرَفُوْا بِذُنُوْبِهِمْ خَلَطُوْا عَمَلًا صَالِحًا وَّاٰخَرَ سَيِّئًا ۭ عَسَى اللّٰهُ اَنْ يَّتُوْبَ عَلَيْهِمْ ۭ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿١٠٢﴾

١٠٢. ۽ ڪجهه ٻيا ماڻهو آهن جن پنهن جي گناهن جو اقرار ڪيو انهن نيڪ عملن کي ڪجهه ٻين عملن سان جيڪي برا هئا ملائي ڇڏيو. قريب آهي ته الله انهن تي فضل ڪري. الله ڏاڍو بخشڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي.

خُذْ مِنْ اَمْوَالِهِمْ صَدَقَةً تُطَهِّرُهُمْ وَتُزَكِّيْهِمْ بِهَا وَصَلِّ عَلَيْهِمْ ۭ اِنَّ صَلٰوتَكَ سَكَنٌ لَّهُمْ ۭ وَاللّٰهُ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ﴿١٠٣﴾

١٠٣. (اي رسول!) انهن جي مال مان صدقو وٺ انهيءَ لاءِ ته تون انهن کي پاڪ ڪرين ۽ انهن جي ترقيءَ جو سامان مهيا ڪرين ۽ انهن جي لاءِ دعا به ڪندو رهه. ڇو جو تنهن جي دعا انهن جي تسڪين جو سبب آهي ۽ الله تنهن جي دعائن کي ڏاڍو ٻڌڻ وارو (۽ حالتن کي) ڄاڻڻ وارو آهي.

اَلَمْ يَعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ هُوَ يَقْبَلُ التَّوْبَةَ عَنْ عِبَادِهٖ وَيَاْخُذُ الصَّدَقٰتِ وَاَنَّ اللّٰهَ هُوَ التَّوَّابُ الرَّحِيْمُ ﴿١٠٤﴾

١٠٤. ڇا انهن کي معلوم ناهي ته الله ئي آهي جيڪو پنهن جن بندن جي توبه قبول ڪري ٿو ۽ انهن جو صدقو وٺي ٿو (رسول ٿو وٺي) ۽ الله ئي آهي جو ڏاڍو توبه قبول ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي.

وَقُلِ اعْمَلُوْا فَسَيَرَى اللّٰهُ عَمَلَكُمْ وَرَسُوْلُهٗ وَالْمُؤْمِنُوْنَ ۭ وَسَتُرَدُّوْنَ اِلٰى عٰلِمِ الْغَيْبِ وَالشَّهَادَةِ فَيُنَبِّئُكُمْ بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿١٠٥﴾

١٠٥. ۽ (انهن کي) چؤ ته پنهن جي جڳهه تي ڪم ڪندا هلو. الله ۽ انجو رسول ۽ مومن ضرور توهان جي ڪمن جي حقيقت کي ڏسندا رهندا ۽ توهان ضرور حاضر ۽ غائب ڄاڻڻ واري خدا جي طرف موٽايا ويندؤ ۽ اهو توهان جي عملن جي حقيقت توهان کي ٻڌائيندو.

وَاٰخَرُوْنَ مُرْجَوْنَ لِاَمْرِ اللّٰهِ اِمَّا يُعَذِّبُهُمْ وَاِمَّا يَتُوْبُ عَلَيْهِمْ ۭ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌ حَكِيْمٌ ﴿١٠٦﴾

١٠٦. ۽ ڪجهه ٻيا ماڻهو آهن جيڪي خدا جي حڪم جي انتظار ۾ ڇڏيا ويا آهن (انهيءَ کي اختيار آهي ته) خواهه انهن کي عذاب

ڏني يا انهنجي توبه قبول ڪري ۽ الله ڄاڻڻ وارو (۽) حڪمت وارو آهي.

وَالَّذِينَ اتَّخَذُوا مَسْجِدًا ضِرَارًا وَكُفْرًا وَتَفْرِيقًا بَيْنَ الْمُؤْمِنِينَ وَإِرْصَادًا لِّمَنْ حَارَبَ اللَّهَ وَرَسُولَهُ مِن قَبْلُ وَلَيَحْلِفُنَّ إِنْ أَرَدْنَا إِلَّا الْحُسْنَىٰ وَاللَّهُ يَشْهَدُ إِنَّهُمْ لَكَاذِبُونَ ﴿١٠٧﴾

١٠٧. ۽ اهي ماڻهو جن هڪ مسجد ڪي نقصان پهچائڻ ۽ ڪفر جي تبليغ ڪرڻ ۽ مومنن ۾ تفرقو پيدا ڪرڻ لاءِ بنائي آهي ۽ جيڪو شخص الله ۽ انهيءَ جي رسول سان وڙهي چڪو آهي انهيءَ لاءِ گهٽ موجود ڪري ڏيڻ لاءِ اهي ضرور قسم کڻندا (ته) هن مسجد بنائڻ سان اسانجو ارادو صرف نيڪي ڪرڻ هو ۽ الله شاهدي ڏئي ٿو ته اهي يقينن ڪوڙ ڳالهائي رهيا آهن.

لَا تَقُمْ فِيهِ أَبَدًا لَّمَسْجِدٌ أُسِّسَ عَلَى التَّقْوَىٰ مِنْ أَوَّلِ يَوْمٍ أَحَقُّ أَن تَقُومَ فِيهِ فِيهِ رِجَالٌ يُحِبُّونَ أَن يَتَطَهَّرُوا وَاللَّهُ يُحِبُّ الْمُطَّهِّرِينَ ﴿١٠٨﴾

١٠٨. (اي نبي!) تون انهيءَ (مسجد) ۾ (ڪڏهين) نه بيهه. اها مسجد جنهن جو بنياد پهرئين ڏينهن کان تقويٰ تي رکيو ويو آهي، زياده حقدار آهي ته تون انهيءَ ۾ (جماعت ڪرائڻ لاءِ) بيهين. انهيءَ ۾ (اچڻ وارا) اهڙا ماڻهو آهن جيڪي خواهش رکن ٿا ته بلڪل پاڪ ٿي وڃن ۽ الله ڪامل پاڪيزگي اختيار ڪرڻ وارن کي پسند ڪري ٿو.

أَفَمَنْ أَسَّسَ بُنْيَانَهُ عَلَىٰ تَقْوَىٰ مِنَ اللَّهِ وَرِضْوَانٍ خَيْرٌ أَم مَّنْ أَسَّسَ بُنْيَانَهُ عَلَىٰ شَفَا جُرُفٍ هَارٍ فَانْهَارَ بِهِ فِي نَارِ جَهَنَّمَ وَاللَّهُ لَا يَهْدِي الْقَوْمَ الظَّالِمِينَ ﴿١٠٩﴾

١٠٩. ڇا اهو شخص جيڪو پنهنجي عمارت جو بنياد الله جي تقويٰ ۽ رضامندي تي رکي ٿو وڌيڪ سٺو آهي يا اهو جيڪو پنهن جي عمارت جو بنياد هڪ ترڪڻ واري ڪناري تي رکي ٿو جيڪو ڪرندو رهندو آهي پوءِ اهو ڪنارو انهيءَ عمارت سميت جهنم جي باهه ۾ ڪري پوندو آهي ۽ الله ظالم قوم کي (ڪاميابيءَ جو) رستو نٿو ڏيکاري.

لَا يَزَالُ بُنْيَانُهُمُ الَّذِي بَنَوْا رِيبَةً فِي قُلُوبِهِمْ

١١٠. اهو بنياد جيڪو انهن وڌو هو هميشه انهنجي دل ۾ خلش جو سبب رهندو سواءِ

إِلَّآ أَن تَقَطَّعَ قُلُوبُهُمْ ۗ وَاللَّهُ عَلِيمٌ حَكِيمٌ ﴿١١٠﴾ ع

انهيءَ جي جو انهن جون دليون ٽڪرا ٽڪرا ٿي وڃن (۽ اهي مري وڃن) ۽ الله گهڻو ڄاڻڻ وارو (۽) وڏي حڪمت وارو آهي.

إِنَّ اللَّهَ اشْتَرَىٰ مِنَ الْمُؤْمِنِينَ أَنفُسَهُمْ وَأَمْوَالَهُم بِأَنَّ لَهُمُ الْجَنَّةَ ۚ يُقَاتِلُونَ فِي سَبِيلِ اللَّهِ فَيَقْتُلُونَ وَيُقْتَلُونَ ۖ وَعْدًا عَلَيْهِ حَقًّا فِي التَّوْرَاةِ وَالْإِنجِيلِ وَالْقُرْآنِ ۚ وَمَنْ أَوْفَىٰ بِعَهْدِهِ مِنَ اللَّهِ ۚ فَاسْتَبْشِرُوا بِبَيْعِكُمُ الَّذِي بَايَعْتُم بِهِ ۚ وَذَٰلِكَ هُوَ الْفَوْزُ الْعَظِيمُ ﴿١١١﴾

١١١. الله مومنن کان انهن جي جانين ۽ انهن جي مالن کي (انهيءَ وعدي سان) خريد ڪيو آهي جو انهنکي جنت ملندي (جو جو) اهي الله جي رستي ۾ وڙهن ٿا. پوءِ (يا تہ اهي) پنهن جي دشمنن کي ماري وجهن ٿا يا خود مارجي وڃن ٿا. هيءَ هڪ اهڙو وعدو آهي جيڪو انهيءَ تي لازم آهي (۽) توريت ۽ انجيل (۾ بہ بيان ڪيو ويو آهي) ۽ قرآن ۾ (بہ) ۽ الله کان وڌيڪ پنهن جي وعدي کي پورو ڪرڻ وارو ڪير آهي پوءِ (اي مومنو!) پنهن جي انهي سودي تي خوش ٿي وڃو جيڪو توهان ڪيو آهي ۽ اها ئي اها وڏي ڪاميابي آهي (جنهن جو مومنن سان وعدو ڪيو ويو آهي)

التَّائِبُونَ الْعَابِدُونَ الْحَامِدُونَ السَّائِحُونَ الرَّاكِعُونَ السَّاجِدُونَ الْآمِرُونَ بِالْمَعْرُوفِ وَالنَّاهُونَ عَنِ الْمُنكَرِ وَالْحَافِظُونَ لِحُدُودِ اللَّهِ ۗ وَبَشِّرِ الْمُؤْمِنِينَ ﴿١١٢﴾

١١٢. (جيڪي ماڻهو ) توبہ ڪرڻ وارا آهن, عبادت ڪرڻ وارا آهن, (خدا جو) حمد ڪرڻ وارا آهن (خدا جي واٽ ۾) سفر ڪرڻ وارا آهن, رڪوع ڪرڻ وارا آهن, سجدا ڪرڻ وارا آهن ۽ برين ڳالهين کان روڪڻ وارا آهن ۽ الله جي حدن جي حفاظت ڪرڻ وارا آهن, اهڙن مومنن کي خوشخبري ڏي.

مَا كَانَ لِلنَّبِيِّ وَالَّذِينَ آمَنُوا أَن يَسْتَغْفِرُوا لِلْمُشْرِكِينَ وَلَوْ كَانُوا أُولِي قُرْبَىٰ مِن بَعْدِ مَا تَبَيَّنَ لَهُمْ أَنَّهُمْ أَصْحَابُ الْجَحِيمِ ﴿١١٣﴾

١١٣. نبي ۽ مومنن جي شان جي خلاف هو تہ مشرڪن لاءِ استغفار ڪن, خواهہ اهي قريبي رشتيدار ڇو نہ هجن انهيءَ ڪانپوءِ جو انهن تي ظاهر ٿي ويو تہ اهي دوزخي آهن.

وَمَا كَانَ اسْتِغْفَارُ إِبْرَاهِيمَ لِأَبِيهِ إِلَّا عَن مَّوْعِدَةٍ

١١٤. ۽ ابراهيم جو استغفار پنهنجي پيءُ لاءِ صرف انهيءَ سبب ڪري هئو جو اِنهيءَ

وَعَدَهَآ إِيَّاهُ ۚ فَلَمَّا تَبَيَّنَ لَهُۥٓ أَنَّهُۥ عَدُوٌّ لِّلَّهِ تَبَرَّأَ مِنْهُ ۚ
إِنَّ إِبْرَٰهِيمَ لَأَوَّٰهٌ حَلِيمٌ ﴿١١٤﴾

انهي سان هڪ وعدو ڪيو هو پر جڏهن انهيءَ تي ظاهر ٿي ويو تہ اهو الله جو دشمن آهي تہ اهو انهيءَ وعدي کان پوريءَ طرح دستبردار ٿي ويو ابراهيم ڏاڍو رحمدل ۽ عقلمند هو.

وَمَا كَانَ ٱللَّهُ لِيُضِلَّ قَوْمًۢا بَعْدَ إِذْ هَدَىٰهُمْ
حَتَّىٰ يُبَيِّنَ لَهُم مَّا يَتَّقُونَ ۚ إِنَّ ٱللَّهَ بِكُلِّ شَىْءٍ عَلِيمٌ ﴿١١٥﴾

١١٥- ۽ اهو الله جي شان جي خلاف آهي جو ڪنهن قوم کي هدايت ڏيڻ کانپوءِ انهيءَ کي گمراهہ قرار ڏئي جيستائين اهو انهن جي سامهون اهي (امر) نہ بيان ڪري جن کان انهنکي بچڻ گهرجي. الله هر هڪ شئي کي ڄاڻيٿو.

إِنَّ ٱللَّهَ لَهُۥ مُلْكُ ٱلسَّمَٰوَٰتِ وَٱلْأَرْضِ ۖ يُحْىِۦ
وَيُمِيتُ ۚ وَمَا لَكُم مِّن دُونِ ٱللَّهِ مِن
وَلِىٍّ وَلَا نَصِيرٍ ﴿١١٦﴾

١١٦- آسمانن ۽ زمين جي بادشاهي يقينن الله جي آهي اهو زندهہ بہ ڪريٿو ۽ ماري بہ ٿو ۽ الله کانسواءِ نہ ڪوئي توهانجو دوست آهي ۽ نہ مددگار.

لَّقَد تَّابَ ٱللَّهُ عَلَى ٱلنَّبِىِّ وَٱلْمُهَٰجِرِينَ وَٱلْأَنصَارِ
ٱلَّذِينَ ٱتَّبَعُوهُ فِى سَاعَةِ ٱلْعُسْرَةِ مِنۢ بَعْدِ مَا
كَادَ يَزِيغُ قُلُوبُ فَرِيقٍ مِّنْهُمْ ثُمَّ تَابَ عَلَيْهِمْ ۚ
إِنَّهُۥ بِهِمْ رَءُوفٌ رَّحِيمٌ ﴿١١٧﴾

١١٧- الله نبي ۽ مهاجرين ۽ انصار تي وڏو فضل ڪيو آهي (يعني انهن ماٿهن تي) جن انهيءَ (نبيءَ) جي تڪليف جي گهڙيءَ ۾ جڏهين انهن مان هڪ گروهہ جون دليون ڪجهہ قدر شڪ ۾ پئجي ويون هيون پيروي ڪئي. پوءِ انهيءَ انهن (ڪمزورن) تي بہ فضل ڪيو. اهو انهن (مومنن) سان يقينن محبت ڪرڻ وارو (۽) باربار رحم ڪرڻ وارو آهي.

وَعَلَى ٱلثَّلَٰثَةِ ٱلَّذِينَ خُلِّفُوا۟ حَتَّىٰٓ إِذَا ضَاقَتْ عَلَيْهِمُ ٱلْأَرْضُ بِمَا
رَحُبَتْ وَضَاقَتْ عَلَيْهِمْ أَنفُسُهُمْ وَظَنُّوٓا۟ أَن لَّا مَلْجَأَ
مِنَ ٱللَّهِ إِلَّآ إِلَيْهِ ثُمَّ تَابَ عَلَيْهِمْ لِيَتُوبُوٓا۟ ۚ إِنَّ ٱللَّهَ
هُوَ ٱلتَّوَّابُ ٱلرَّحِيمُ ﴿١١٨﴾ ع

١١٨- اهڙي طرح انهن ٽنهي تي بہ (انهيءَ فضل ڪيو) جيڪي پوئتي ڇڏيا ويا هئا. ايتري قدر جو جڏهن زمين باوجود ڪشادگيءَ جي انهن تي تنگ ٿي وئي ۽ انهن جا پنهن جا نفس بہ انهن تي بار بنجي ويا ۽ انهن خيال ڪيو تہ الله جي غضب کان بچڻ جي

لاءِ سواءِ انهيءَ جي تي ڪابہ پناهہ ڪانهي تہ انهن جي حالت ڏسي الله انهن تي فضل ڪيو انهيءَ لاءِ تہ اهي بہ توبہ ڪن الله يقينن بار بار توبہ قبول ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي.

يَاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ وَكُوْنُوْا مَعَ الصّٰدِقِيْنَ ﴿١١٩﴾

١١٩- (اي مومنو!) الله جي تقويٰ اختيار ڪيو ۽ صادقن (جي جماعت) سان شامل ٿي وڃو.

مَا كَانَ لِاَهْلِ الْمَدِيْنَةِ وَمَنْ حَوْلَهُمْ مِّنَ الْاَعْرَابِ اَنْ يَّتَخَلَّفُوْا عَنْ رَّسُوْلِ اللّٰهِ وَلَا يَرْغَبُوْا بِاَنْفُسِهِمْ عَنْ نَّفْسِهٖ ؕ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ لَا يُصِيْبُهُمْ ظَمَاٌ وَّلَا نَصَبٌ وَّلَا مَخْمَصَةٌ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَلَا يَطَـُٔوْنَ مَوْطِئًا يَّغِيْظُ الْكُفَّارَ وَلَا يَنَالُوْنَ مِنْ عَدُوٍّ نَّيْلًا اِلَّا كُتِبَ لَهُمْ بِهٖ عَمَلٌ صَالِحٌ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُضِيْعُ اَجْرَ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿١٢٠﴾ۙ

١٢٠- مديني جا رهاڪو ۽ جيڪي ان جي اردگرد ڳوٺاڻا (۽ جهنگلي) رهن ٿا انهنڪي مناسب نہ هو تہ الله جي رسول کي (اڪيلو) ڇڏي پاڻ پوئتي رهجي وڃن ۽ نہ (اهو تہ) انهيءَ جي جان ڪان بي پرواهہ ٿي پنهنجي جان جي فڪر ۾ لڳي وڃن. هيءَ (فيصلو) انهيءَ ڪري (ڪيو وڃي ٿو) تہ ڪا اڃ يا ٿڪاوٽ يا بک جي گهڙي انهن تي الله جي رستي ۾ نہ ٿي اچي ۽ نہ (وري) اهي ڪنهن زمين کي لتاڙين ٿا. جيڪو ڪافرن کي ڪاوڙ ڏياريندو هجي ۽ نہ اهي دشمن تي ڪا فتح حاصل ڪن ٿا جو انهن لاءِ انهن جي عيوض نيڪ عمل نہ لکيو ويندو هجي الله محسنن جو اجر ڪڏهن ضائع نہ ٿو ڪري.

وَلَا يُنْفِقُوْنَ نَفَقَةً صَغِيْرَةً وَّلَا كَبِيْرَةً وَّلَا يَقْطَعُوْنَ وَادِيًا اِلَّا كُتِبَ لَهُمْ لِيَجْزِيَهُمُ اللّٰهُ اَحْسَنَ مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿١٢١﴾

١٢١- ۽ اهي الله جي راهہ ۾ ڪو ٿورو خرچ بہ نٿا ڪن ۽ نہ وڏو ۽ نہ ڪنهن واديءَ کي طئي ڪن ٿا پر (انهيءَ سان گڏ انهن جي عملن ۾ اهو نيڪ ڪم) لکيو ويندو آهي انهيءَ لاءِ تہ الله انهن جي عملن جو (اعليٰ ڪان) اعليٰ بدلو ڏئي.

وَمَا كَانَ الْمُؤْمِنُوْنَ لِيَنْفِرُوْا كَآفَّةً ؕ فَلَوْلَا نَفَرَ مِنْ

١٢٢- ۽ مومنن لاءِ ممڪن نہ هو تہ اهي

كُلِّ فِرْقَةٍ مِّنْهُمْ طَآئِفَةٌ لِّيَتَفَقَّهُوْا فِي الدِّيْنِ وَلِيُنْذِرُوْا قَوْمَهُمْ اِذَا رَجَعُوْٓا اِلَيْهِمْ لَعَلَّهُمْ يَحْذَرُوْنَ ١٢٢ ع

سبئي (گڏ ٿي دين جي تعليم جي لاءِ) نڪري پون پوءِ ڇو نہ ٿيو تہ انهن جي جماعت مان هڪ گروهہ نڪري پوي ها. انهيءَ لاءِ تہ اهي دين پوريءَ طرح سکن ها ۽ پنهنجي قوم کي واپس موٽي (بي دينيءَ کان) هوشيار ڪن ها. انهيءَ لاءِ تہ اهي (گمراهيءَ کان) ڊڄڻ لڳن.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا قَاتِلُوا الَّذِيْنَ يَلُوْنَكُمْ مِّنَ الْكُفَّارِ وَلْيَجِدُوْا فِيْكُمْ غِلْظَةً ۭ وَاعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ مَعَ الْمُتَّقِيْنَ ١٢٣

١٢٣- اي مومنو! انهن ڪافرن سان جنگ ڪيو جيڪي توهان جي پرپاسي رهن ٿا ۽ گهرجي تہ اهي توهان ۾ پختگي محسوس ڪن ۽ ڄاڻي ڇڏيو تہ الله متقين سان آهي.

وَاِذَا مَآ اُنْزِلَتْ سُوْرَةٌ فَمِنْهُمْ مَّنْ يَّقُوْلُ اَيُّكُمْ زَادَتْهُ هٰذِهٖٓ اِيْمَانًا ۚ فَاَمَّا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا فَزَادَتْهُمْ اِيْمَانًا وَّهُمْ يَسْتَبْشِرُوْنَ ١٢٤

١٢٤- ۽ جڏهن ڪا سورت نازل ٿئي ٿي ۽ انهن مان ڪي (منافق) چونئا تہ هن (سورت) توهان مان ڪنهن جو ايمان وڌايو آهي؟ سو (ياد رکو تہ) جيڪي ماڻهو مومن آهن (انهن جي پهرين ايمان جي نتيجي ۾) انهن جي ايمان کي هن (سورت) وڌايو آهي ۽ اهي خوشي حاصل ڪري رهيا آهن.

وَاَمَّا الَّذِيْنَ فِيْ قُلُوْبِهِمْ مَّرَضٌ فَزَادَتْهُمْ رِجْسًا اِلٰى رِجْسِهِمْ وَمَاتُوْا وَهُمْ كٰفِرُوْنَ ١٢٥

١٢٥- ۽ جن جي دل ۾ بيماري آهي هن (سورت) انهن جي (پهرين) گند تي بيو گند چاڙهي ڇڏيو آهي. ايتري قدر جو اهي اهڙي حالت ۾ مرندا جو اهي ڪافر هوندا.

اَوَلَا يَرَوْنَ اَنَّهُمْ يُفْتَنُوْنَ فِيْ كُلِّ عَامٍ مَّرَّةً اَوْ مَرَّتَيْنِ ثُمَّ لَا يَتُوْبُوْنَ وَلَا هُمْ يَذَّكَّرُوْنَ ١٢٦

١٢٦- ڇا اهي ڏسن ڪونہ ٿا تہ انهن جي هر سال ۾ هڪ يا ٻہ دفعا آزمائش ڪئي ويندي آهي پوءِ بہ اهي توبہ نہ ٿا ڪن ۽ نہ نصيحت حاصل ڪن ٿا.

وَاِذَا مَآ اُنْزِلَتْ سُوْرَةٌ نَّظَرَ بَعْضُهُمْ اِلٰى بَعْضٍ ۭ هَلْ يَرٰىكُمْ مِّنْ اَحَدٍ ثُمَّ انْصَرَفُوْا ۭ صَرَفَ اللّٰهُ قُلُوْبَهُمْ بِاَنَّهُمْ قَوْمٌ لَّا يَفْقَهُوْنَ ١٢٧

١٢٧- ۽ جڏهن ڪا سورت نازل ٿئي ٿي تہ انهن مان ڪجهہ ماڻهو هڪ ٻئي ڏانهن نهارڻ لڳن ٿا تہ معلوم ڪن تہ ڇا ڪو شخص توهان کي ڏسي تہ نہ رهيو آهي. پوءِ

(تسلي ڪري) اهي (ماڻهو مجلس مان) هليا ويندا آهن. الله انهن جي دلين کي ڦيرائي ڇڏيو آهي ڇو جو اهي اهڙا ماڻهو آهن جيڪي سمجهن نہ ٿا.

لَقَدۡ جَآءَكُمۡ رَسُولٞ مِّنۡ أَنفُسِكُمۡ عَزِيزٌ عَلَيۡهِ مَا عَنِتُّمۡ حَرِيصٌ عَلَيۡكُم بِٱلۡمُؤۡمِنِينَ رَءُوفٞ رَّحِيمٞ ١٢٨

١٢٨. (اي مومنو!) توهان وٽ توهان جي ئي قوم جو هڪ فرد رسول ٿي آيو آهي توهان جو تڪليف ۾ پوڻ هن تي ڏکيو گذري ٿو ۽ اهو توهان جي لاءِ خير جو ڏاڍو بکيو آهي ۽ مومنن سان محبت ڪرڻ وارو (۽) ڏاڍو ڪرم ڪرڻ وارو آهي.

فَإِن تَوَلَّوۡاْ فَقُلۡ حَسۡبِيَ ٱللَّهُ لَآ إِلَٰهَ إِلَّا هُوَۖ عَلَيۡهِ تَوَكَّلۡتُۖ وَهُوَ رَبُّ ٱلۡعَرۡشِ ٱلۡعَظِيمِ ١٢٩ ع ١٦

١٢٩. پوءِ جيڪڏهن اهي ڦري وڃن تہ تون چؤ تہ الله منهن جي لاءِ ڪافي آهي. انهيءَ کانسواءِ ڪوبہ معبود نہ آهي. مان انهيءَ تي توڪل ڪيان ٿو ۽ اهو عرش عظيم جو رب آهي.

سُوْرَةُ يُوْنُسَ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ مَعَ الْبَسْمَلَةِ مِائَةٌ وَّعَشْرُ اٰيٰتٍ وَّاَحَدَ عَشَرَ رُكُوْعًا

هيءَ سورت مڪي آهي ۽ بسم الله سميت هن جون ١١٠ هڪ سئو ڏهه آيتون ۽ يارنهن رڪوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ①

١. (مان) الله جو نالو وٺي جيڪو بيحد ڪرم ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي (پڙهانٿو)

الٓرٰ تِلْكَ اٰيٰتُ الْكِتٰبِ الْحَكِيْمِ ②

المنزل ٣

٢. مان الله ڏسڻ وارو آهيان. هي (يعني هن سورت جون آيتون) ڪامل (۽) پر حڪمت ڪتاب جون آيتون آهن

اَكَانَ لِلنَّاسِ عَجَبًا اَنْ اَوْحَيْنَآ اِلٰى رَجُلٍ مِّنْهُمْ اَنْ
اَنْذِرِ النَّاسَ وَبَشِّرِ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اَنَّ لَهُمْ قَدَمَ
صِدْقٍ عِنْدَ رَبِّهِمْ ۗ قَالَ الْكٰفِرُوْنَ اِنَّ هٰذَا لَسٰحِرٌ
مُّبِيْنٌ ③

وقف النبي صلى الله عليه وسلم

٣. ڇا ماڻهن وٽ اسان جو انهن مان هڪ شخص تي (هي) وحي ڪرڻ تہ ماڻهن کي هوشيار ڪر ۽ جن ماڻهن ايمان آندو آهي انهن کي خوشخبري ڏي تہ انهن لاءِ انهن جي رب جي حضور ۾ هڪ ظاهر ۽ باطن طور تي ڪامل درجو آهي (اهڙي) عجيب (ڳالهہ) هئي (جو) انهن ڪافرن چيو تہ هي (شخص) ضرور ظاهر ظهور دوکي باز آهي.

اِنَّ رَبَّكُمُ اللّٰهُ الَّذِيْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ فِيْ
سِتَّةِ اَيَّامٍ ثُمَّ اسْتَوٰى عَلَى الْعَرْشِ يُدَبِّرُ الْاَمْرَ ۭ مَا
مِنْ شَفِيْعٍ اِلَّا مِنْۢ بَعْدِ اِذْنِهٖ ۭ ذٰلِكُمُ اللّٰهُ رَبُّكُمْ
فَاعْبُدُوْهُ ۭ اَفَلَا تَذَكَّرُوْنَ ④

٤. توهان جو رب يقينن الله آهي جنهن آسمانن ۽ زمين کي ڇهن وقتن ۾ پيدا ڪيو پوءِ هو عرش تي قرار فرما ٿيو هو هر ڪم جو انتظام ڪريٿو (انهيءَ جي حضور ۾) ڪوبہ (ڪنهن جو) شفيع نٿو (ٿي سگهي) سواءِ انهيءَ جي اجازت جي (هئڻ) هيءَ الله (مٿي ذڪر ڪيل صفتن وارو آهي) (۽ اهوئي) توهانجو رب آهي انهيءَ ڪري توهان انهيءَ جي عبادت ڪيو. ڇا توهان (باوجود انهن ڳالهين جي) پوءِ بہ نصيحت حاصل نہ

جي) باهہ آهي.

إِنَّ الَّذِينَ آمَنُوا وَعَمِلُوا الصَّالِحَاتِ يَهْدِيهِمْ رَبُّهُم بِإِيمَانِهِمْ ۖ تَجْرِي مِن تَحْتِهِمُ الْأَنْهَارُ فِي جَنَّاتِ النَّعِيمِ ﴿١٠﴾

١٠. جن ماڻهن ايمان آندو ۽ انهن نيڪ (۽ حال سارو) عمل ڪيا انهن کي انهن جو رب انهنجي ايمان جي سبب (ڪاميابي جي رستي جي طرف) هدايت ڏيندو (۽) آسائش وارين جنتن ۾ انهن ئي جي (اختيار) هيٺ نهرون وهنديون هونديون.

دَعْوَاهُمْ فِيهَا سُبْحَانَكَ اللَّهُمَّ وَتَحِيَّتُهُمْ فِيهَا سَلَامٌ ۚ وَآخِرُ دَعْوَاهُمْ أَنِ الْحَمْدُ لِلَّهِ رَبِّ الْعَالَمِينَ ﴿١١﴾ ع

١١. انهن (جنتن) ۾ (خدا جي حضور) انهن جي پڪار (هيءَ) هوندي. اي الله ! تون پاڪ آهين ۽ انهن جي (هڪ ٻئي لاءِ) دعا هيءَ هوندي (تہ توهانتي هميشہ لاءِ) سلامتي هجي ۽ سڀ کان آخر ۾ اهي بلند آواز سان هي چوندا تہ الله ئي سڀني تعريفن جو مستحق آهي. جيڪو سڀني جهانن جو رب آهي.

وَلَوْ يُعَجِّلُ اللَّهُ لِلنَّاسِ الشَّرَّ اسْتِعْجَالَهُم بِالْخَيْرِ لَقُضِيَ إِلَيْهِمْ أَجَلُهُمْ ۖ فَنَذَرُ الَّذِينَ لَا يَرْجُونَ لِقَاءَنَا فِي طُغْيَانِهِمْ يَعْمَهُونَ ﴿١٢﴾

١٢. ۽ جيڪڏهن الله ماڻهن تي (انهن جي عملن جي) بديءَ (جو نتيجو) انهن جي مال کي جلد چاهڻ وانگر جلد موڪلي ها تہ انهن جي (زندگي جي خاتمي جو) ميعاد انهن تي آندو وڃي ها. (پر ڇاڪاڻ تہ اسان ائين پسند نہ ڪيو) انهيءَ ڪري اسان انهن ماڻهن کي جيڪي اسان جي ملاقات جي اميد نہ ٿا رکن انهيءَ حالت ۾ ڇڏي رهيا آهيون جو اهي پنهن جي سرڪشيءَ ۾ ڀٽڪي رهيا آهن.

وَإِذَا مَسَّ الْإِنسَانَ الضُّرُّ دَعَانَا لِجَنبِهِ أَوْ قَاعِدًا أَوْ قَائِمًا فَلَمَّا كَشَفْنَا عَنْهُ ضُرَّهُ مَرَّ كَأَن لَّمْ يَدْعُنَا إِلَىٰ ضُرٍّ مَّسَّهُ ۚ كَذَٰلِكَ زُيِّنَ لِلْمُسْرِفِينَ مَا كَانُوا يَعْمَلُونَ ﴿١٣﴾

١٣. ۽ جڏهن انسان کي تڪليف پهچي ٿي تہ اهو پنهن جي پاسي ڀر (ليٽيل) يا ويٺل يا بيٺل انسان کي پڪاري ٿو. پوءِ جڏهن اسان انهيءَ جي تڪليف کي انهيءَ کان پري ڪري ڇڏيون ٿا تہ هو (اهڙيءَ طرح سان ڪترائي) لنگهي وڃي ٿو (جو) ڄڻ انهيءَ

كنهن تكليف (كي پري كرڻ) لاءِ جيكا انهيءَ كي پهتي هئي اسان كي پكاريوئي كونہ هو - اهڙيءَ طرح تمام حد كان وڌي وڃڻ وارن كي جيكي كجهہ اهي كندا آهن خوبصورت كري ڏيكاريو ويو آهي.

وَلَقَدْ اَهْلَكْنَا الْقُرُوْنَ مِنْ قَبْلِكُمْ لَمَّا ظَلَمُوْا ۙ
وَجَآءَتْهُمْ رُسُلُهُمْ بِالْبَيِّنٰتِ وَمَا كَانُوْا لِيُؤْمِنُوْا ۚ
كَذٰلِكَ نَجْزِى الْقَوْمَ الْمُجْرِمِيْنَ ﴿١٣﴾

١٤- ۽ اسان يقيني طور تي توهان كان پهرين (بہ) قومن كانپوءِ قومن كي جڏهن انهن باوجود انهيء جي جو انهن وٽ انهن جا رسول ظاهر نشان كڻي آيا هئا ظلم كيو هو ۽ ايمان نہ آندو هئائون. تباهہ كري چكا آهيون - اسان ڏوهاري ماڻهن كي اهڙي طرح بدلو ڏيندا آهيون.

ثُمَّ جَعَلْنٰكُمْ خَلٰٓئِفَ فِى الْاَرْضِ مِنْ بَعْدِهِمْ لِنَنْظُرَ
كَيْفَ تَعْمَلُوْنَ ﴿١٥﴾

١٥- پوءِ انهن كان پوءِ اسان توهان كي زمين ۾ (انهن جو) جانشين بنايو, انهيءَ لاءِ جو اسان ڏسون تہ توهان كيئن عمل كيو ٿا.

وَاِذَا تُتْلٰى عَلَيْهِمْ اٰيَاتُنَا بَيِّنٰتٍ ۙ قَالَ الَّذِيْنَ لَا يَرْجُوْنَ
لِقَآءَنَا ائْتِ بِقُرْاٰنٍ غَيْرِ هٰذَآ اَوْ بَدِّلْهُ ۚ قُلْ
مَا يَكُوْنُ لِيْٓ اَنْ اُبَدِّلَهٗ مِنْ تِلْقَآئِ نَفْسِيْ ۚ اِنْ
اَتَّبِعُ اِلَّا مَا يُوْحٰٓى اِلَيَّ ۚ اِنِّيْٓ اَخَافُ اِنْ عَصَيْتُ رَبِّيْ
عَذَابَ يَوْمٍ عَظِيْمٍ ﴿١٦﴾

١٦- ۽ جڏهن انهن كي اسان جون روشن آيتون پڙهي ٻڌايون وڃن ٿيون تہ جيكي ماڻهو اسان جي ملڻ جي اميد نہ ٿا ركن اهي چون ٿا تہ (اي محمد!) تون انهيءَ كانسواءِ كو ٻيو قرآن كڻي اچ - يا انهيءَ ۾ (ئي كجهہ) تبديلي (۽ ڦير ڦار) كر. تون (انهن كي) چؤ (تہ هي) منهن جو كم نہ آهي جو مان انهيءَ ۾ پنهن جي طرفان (كا) تبديلي (۽ ڦير ڦار) كيان. مان (تہ) جيكي (كي) مونتي وحي (كان حكم نازل) كيو وڃي ٿو انهيءَ جي پيروي كيان ٿو جيكڏهن مان پنهن جي رب جي نافرماني كيان تہ مان هك وڏي (ڀيانك) ڏينهن جي عذاب كان ڊڄان ٿو (تہ مونكي نہ اچي پكڙي).

قُلْ لَّوْ شَآءَ اللّٰهُ مَا تَلَوْتُهٗ عَلَيْكُمْ وَلَآ

١٧- (۽) تون (انهن كي) چؤ تہ جيكڏهن

أَدْرٰىكُمْ بِهٖ ۖ فَقَدْ لَبِثْتُ فِيْكُمْ عُمُرًا مِّنْ قَبْلِهٖ ؕ أَفَلَا تَعْقِلُوْنَ ⑯

الله جي (اهائي) مرضي هجي ها (تہ انهيءَ جي جاءِ تي ڪا ٻي تعليم ڏني وڃي) تہ مان انهيءَ ڪي توهان جي سامهون پڙهي نہ ٻڌايان ها ۽ نہ اهو (ئي) توهانکي انهيءَ (تعليم) کان آگاهہ ڪري ها، جيئن هن کان پهرين مان هڪ ڏگهو عرصو توهان ۾ گذاري چڪو آهيان ڇا پوءِ (بہ) توهان عقل کان ڪم نہ ٿا وٺو.

فَمَنْ أَظْلَمُ مِمَّنِ افْتَرٰى عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا أَوْ كَذَّبَ بِاٰيٰتِهٖ ؕ إِنَّهٗ لَا يُفْلِحُ الْمُجْرِمُوْنَ ⑰

١٨. پوءِ (توهان ئي ٻڌايو تہ) جيڪو الله تي بهتان هڻي يا انهيءَ جي نشانن کي ڪوڙو ڪري انهيءَ کان وڌيڪ ڪير ظالم ٿيندو (مطلب تہ) هي يقيني ڳالهہ آهي تہ مجرم ماڻهو ڪامياب نہ ٿا ٿين.

وَيَعْبُدُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ مَا لَا يَضُرُّهُمْ وَلَا يَنْفَعُهُمْ وَيَقُوْلُوْنَ هٰٓؤُلَآءِ شُفَعَآؤُنَا عِنْدَ اللّٰهِ ؕ قُلْ أَتُنَبِّئُوْنَ اللّٰهَ بِمَا لَا يَعْلَمُ فِي السَّمٰوٰتِ وَلَا فِي الْأَرْضِ ؕ سُبْحٰنَهٗ وَتَعٰلٰى عَمَّا يُشْرِكُوْنَ ⑱

١٩. ۽ اهي (ماڻهو) الله کي ڇڏي ڪري اهڙي شيءِ جي پوڄا ڪن ٿا جيڪا نہ انهن کي نقصان پهچائي ٿي ۽ نہ نفعو پهچائي ٿي ۽ چون ٿا (تہ) هي (اسان جا معبود) الله جي حضور ۾ اسان جا شفيع آهن. تون (انهن کي) چؤ (تہ) ڇا توهان الله کي اها (ڳالهہ) ٻڌايو ٿا جنهن جي متعلق نہ آسمانن ۾ (هجڻ جو) انهيءَ کي علم آهي ۽ نہ (ئي) زمين ۾ (ڪٿي انهيءَ جي وجود جو ڪو پتو آهي) هو پاڪ آهي ۽ انهن جي شريڪ ڪرڻ کان هو مٿاهون آهي.

وَمَا كَانَ النَّاسُ إِلَّآ أُمَّةً وَّاحِدَةً فَاخْتَلَفُوْا ؕ وَلَوْلَا كَلِمَةٌ سَبَقَتْ مِنْ رَّبِّكَ لَقُضِيَ بَيْنَهُمْ فِيْمَا فِيْهِ يَخْتَلِفُوْنَ ⑲

٢٠. ۽ (سڀ) ماڻهو هڪ ئي گروهہ (بنيل) هئا. پوءِ انهن پاڻ ۾ اختلاف (پيدا) ڪيو ۽ جيڪا ڳالهہ تنهن جي رب جي طرفان پهرين (وعدي جي صورت ۾) اچي چڪي آهي جيڪڏهن اها (روڪ) نہ هجي تہ جنهن (ڳالهہ) ۾ اهي اختلاف ڪري رهيا آهن

انهيءَ جي متعلق انهن جي وچ ۾ (ڪڏهن ڪو) فيصلو (جاري) ٿي چڪو هجي ها.

وَيَقُولُونَ لَوْلَآ أُنزِلَ عَلَيْهِ ءَايَةٌ مِّن رَّبِّهِۦ ۖ فَقُلْ إِنَّمَا ٱلْغَيْبُ لِلَّهِ فَٱنتَظِرُوٓا۟ إِنِّى مَعَكُم مِّنَ ٱلْمُنتَظِرِينَ ﴿٢١﴾ ع

٢١. ۽ اهي چون ٿا تہ هن رسول تي انهيءَ جي رب جي طرفان ڪو نشان ڇو نہ لاٿو ويو آهي تون (انهن کي) چؤ (تہ) هر ڪنهن غيب (جي ڳالهہ جو علم) الله کي ئي حاصل آهي تنهن ڪري توهان (انهيءَ جو) انتظار ڪيو، مان (بہ) توهان سان انتظار ڪرڻ وارن مان آهيان.

وَإِذَآ أَذَقْنَا ٱلنَّاسَ رَحْمَةً مِّنۢ بَعْدِ ضَرَّآءَ مَسَّتْهُمْ إِذَا لَهُم مَّكْرٌ فِىٓ ءَايَاتِنَا ۚ قُلِ ٱللَّهُ أَسْرَعُ مَكْرًا ۚ إِنَّ رُسُلَنَا يَكْتُبُونَ مَا تَمْكُرُونَ ﴿٢٢﴾

٢٢. ۽ جڏهن ماڻهن کي ڪنهن تڪليف ڪانپوءِ جيڪا انهن کي پهتي هجي اسان (ڪي قدر پنهن جي) رحمت (جو مزو) چکايون ٿا تہ جهٽ اسان جي نشانن جي متعلق انهن جي طرف کان ڪا (نہ ڪا مخالفانہ) تدبير ٿيڻ لڳي ٿي. تون (انهن کي) چؤ (تہ انهن جي مقابلي ۾) الله جي تدبير تہ گهڻو ئي جلد (ڪارائتي) ٿيندي آهي (۽) توهان جيڪي تدبيرون (بہ) ڪيو ٿا اسان جا موڪليل انهن کي لکندا رهندا آهن.

هُوَ ٱلَّذِى يُسَيِّرُكُمْ فِى ٱلْبَرِّ وَٱلْبَحْرِ ۖ حَتَّىٰٓ إِذَا كُنتُمْ فِى ٱلْفُلْكِ وَجَرَيْنَ بِهِم بِرِيحٍ طَيِّبَةٍ وَفَرِحُوا۟ بِهَا جَآءَتْهَا رِيحٌ عَاصِفٌ وَجَآءَهُمُ ٱلْمَوْجُ مِن كُلِّ مَكَانٍ وَظَنُّوٓا۟ أَنَّهُمْ أُحِيطَ بِهِمْ ۙ دَعَوُا۟ ٱللَّهَ مُخْلِصِينَ لَهُ ٱلدِّينَ لَئِنْ أَنجَيْتَنَا مِنْ هَـٰذِهِۦ لَنَكُونَنَّ مِنَ ٱلشَّـٰكِرِينَ ﴿٢٣﴾

٢٣. اهو (خدا ڪريم) ئي آهي جيڪو توهان کي (توفيق ڏئي) خشڪيءَ ۽ پاڻيءَ ۾ هلائي ٿو. ايستائين جو جڏهن توهان ماڻهو ٻيڙين ۾ (سوار) ٿيو ٿا ۽ اهو سٺائي هوا جي ذريعي انهن (ماڻهن) کي بہ ڪٺي هلي رهيون هونديون آهن ۽ اهي انهن تي سرها ٿيندا آهن تہ انهن تي هڪ (سخت ۽) تيز هوا اچي ويندي آهي ۽ هر طرف کان لهر (مٿان لهر) انهن تي (چڙهي) ايندي آهي ۽ اهي سمجهڻ لڳندا آهن تہ (هاڻي) اهي

تباهي (جي منهن) ۾ اچي ويا آهن تہ (اهڙي وقت ۾) اهي (پنهن جي) فرمانبرداري کي خدا جي لاءِ خالص ڪندي انهيءَ کي پڪاريندا آهن (۽ چوندا آهن تہ اي الله!) جيڪڏهن تو اسان کي هن (مصيبت) کان ڇوٽڪارو ڏنو تہ اسان ضرور (تنهن جي) شڪر گذارن (جي گروهہ) ۾ (داخل) ٿي ويندا سين.

فَلَمَّآ اَنۡجٰىهُمۡ اِذَا هُمۡ يَبۡغُوۡنَ فِى الۡاَرۡضِ بِغَيۡرِ الۡحَقِّ ؕ
يٰۤاَيُّهَا النَّاسُ اِنَّمَا بَغۡيُكُمۡ عَلٰٓى اَنۡفُسِكُمۡ ۙ مَّتَاعَ الۡحَيٰوةِ
الدُّنۡيَا ۚ ثُمَّ اِلَيۡنَا مَرۡجِعُكُمۡ فَنُنَبِّئُكُمۡ بِمَا كُنۡتُمۡ
تَعۡمَلُوۡنَ ﴿٢٤﴾

٢٤. پوءِ جڏهين اهو انهن کي (انهيءَ عذاب کان) نجات ڏئي خشڪي تي پهچائيندو آهي تہ اهي جلدي زمين ۾ ناحق فساد ڪرڻ لڳندا آهن (اي انسانو!) توهان جو صرف دنيا جي زندگيءَ کي چاهڻ توهان جي نفسن تي (مصيبت بڻجي) پوندو. پوءِ اسان جي طرف توهان جي واپسي ٿيندي. تڏهين جيڪي (ڪجهہ) توهان ڪندا رهيا هوندو اسان انهيءَ کان توهان کي آگاهہ ڪنداسين.

اِنَّمَا مَثَلُ الۡحَيٰوةِ الدُّنۡيَا كَمَآءٍ اَنۡزَلۡنٰهُ مِنَ السَّمَآءِ
فَاخۡتَلَطَ بِهٖ نَبَاتُ الۡاَرۡضِ مِمَّا يَاۡكُلُ النَّاسُ وَ
الۡاَنۡعَامُ ؕ حَتّٰۤى اِذَاۤ اَخَذَتِ الۡاَرۡضُ زُخۡرُفَهَا وَ
ازَّيَّنَتۡ وَظَنَّ اَهۡلُهَاۤ اَنَّهُمۡ قٰدِرُوۡنَ
عَلَيۡهَاۤ ۙ اَتٰٮهَاۤ اَمۡرُنَا لَيۡلًا اَوۡ نَهَارًا فَجَعَلۡنٰهَا
حَصِيۡدًا كَاَنۡ لَّمۡ تَغۡنَ بِالۡاَمۡسِ ؕ كَذٰلِكَ نُفَصِّلُ الۡاٰيٰتِ
لِقَوۡمٍ يَّتَفَكَّرُوۡنَ ﴿٢٥﴾

٢٥. هن دنيا جي زندگي جي حالت (تہ) انهيءَ پاڻيءَ وانگر آهي، جنهنکي اسان ڪڪر مان وسايو پوءِ انهيءَ سان زمين جا اوپڙ جن کي ماڻهو ۽ چوپايا کائين ٿا ملي (ڪري هڪ جان ٿي) ويا ايستائين جو جڏهن زمين (انهيءَ جي ذريعي) پنهن جي ڪمال درجي جي زينت کي حاصل ڪيو ۽ خوبصورت ٿي وئي ۽ انهيءَ جي مالڪن سمجهيو تہ (هاڻي) اهي انهيءَ تي وسارا آهيون تہ انهيءَ تي ڏينهن يا رات جو (عذاب جي متعلق) اسان جو حڪم اچي ويو. ۽ اسان انهيءَ کي هڪ لنيل پوک وانگر ڪري ڇڏيو ڄڻ هتي ڪلهہ (ڪجهہ) هو (ئي) ڪونہ

(مطلب تہ) جيڪي ماڻهو سوچ ڪان ڪم
وٺن ٿا انهن جي لاءِ اسان اهڙي طرح (پنهن
جن ) آيتن کي کولي بيان ڪيون ٿا.

وَاللّٰهُ يَدْعُوْٓا اِلٰى دَارِ السَّلٰمِ ؕ وَيَهْدِيْ مَنْ يَّشَآءُ اِلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ ﴿٢٦﴾

٢٦۔ ۽ الله سلامتيءَ جي گهر ڏانهن سڏيٿو
جنهن کي پسند ڪري ٿو (انهيءَ کي) هڪ
سڌي رستي تي هلائي (منزل مقصود تائين
پهچائي) ڇڏيٿو.

لِلَّذِيْنَ اَحْسَنُوا الْحُسْنٰى وَزِيَادَةٌ ؕ وَلَا يَرْهَقُ وُجُوْهَهُمْ قَتَرٌ وَّلَا ذِلَّةٌ ؕ اُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ الْجَنَّةِ ۚ هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿٢٧﴾

٢٧۔ انهن ماڻهن جي لاءِ جن نيڪو ڪاري
اختيار ڪئي بهترين پچاڙي هوندي ۽ (انهيءَ
تي) وڌيڪ (انعام بہ). انهن جي چهرن تي
نہ ڌنڌ ڇائنبو ۽ نہ ذلت (جا آثار هوندا)
اهي ماڻهو جنت جا رهاڪو آهن (۽) انهيءَ ۾
رهندا ايندا.

وَالَّذِيْنَ كَسَبُوا السَّيِّاٰتِ جَزَآءُ سَيِّئَةٍ ۢبِمِثْلِهَا ۙ وَتَرْهَقُهُمْ ذِلَّةٌ ؕ مَا لَهُمْ مِّنَ اللّٰهِ مِنْ عَاصِمٍ ۚ كَاَنَّمَآ اُغْشِيَتْ وُجُوْهُهُمْ قِطَعًا مِّنَ الَّيْلِ مُظْلِمًا ؕ اُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ النَّارِ ۚ هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿٢٨﴾

٢٨۔ ۽ جن بديون ڪيون هونديون (انهن جي
لاءِ) بديءَ جو بدلو انهيءَ (بديءَ) جي برابر
هوندو ۽ انهن کي ذلت پهچندي ۽ ڪوبہ
انهن کي الله (جي عذاب) کان بچائڻ وارو
نہ هوندو (۽ انهن جي حالت اهڙي هوندي)
جڻ انهن جي منهن تي رات جا (ڪيترائي)
اونداها ٽڪرا وڌا ويا آهن. اهي (ماڻهو)
باهہ (۾ رهڻ) وارا آهن. انهيءَ ۾ ڊگهي
عرصي تائين رهندا ايندا.

وَيَوْمَ نَحْشُرُهُمْ جَمِيْعًا ثُمَّ نَقُوْلُ لِلَّذِيْنَ اَشْرَكُوْا مَكَانَكُمْ اَنْتُمْ وَشُرَكَآؤُكُمْ ۚ فَزَيَّلْنَا بَيْنَهُمْ وَقَالَ شُرَكَآؤُهُمْ مَّا كُنْتُمْ اِيَّانَا تَعْبُدُوْنَ ﴿٢٩﴾

٢٩۔ ۽ (اي انسانو! انهيءَ ڏينهن کي ياد
ڪيو) جنهن ڏينهن اسين انهن سڀني کي جمع
ڪنداسين پوءِ جن شرڪ ڪيو(هوندو) انهن
کي اسان چونداسين (تہ پري هٽي) پنهن جي
جڳهہ تي (بيٺا رهو) توهان بہ ۽ توهان
جي (ناهيل خدائي جا) حصيدار (بہ) پوءِ
اسان انهن ۾ پاڻ ۾ (بہ) جدائي وجهي
ڇڏينداسين ۽ انهن جي (ناهيل خدا جا)

شريڪ (انهنڪي) چوندا (تہ) توهان اسان جي عبادت (تہ هرگز) نہ ڪندا هئا.

فَكَفٰى بِاللّٰهِ شَهِيْدًا بَيْنَنَا وَبَيْنَكُمْ اِنْ كُنَّا عَنْ
عِبَادَتِكُمْ لَغٰفِلِيْنَ ۝٣٠

٣٠. پوءِ توهان جي وچ ۾ ۽ اسان جي وچ ۾ (خود) الله ڪافي شاهد آهي. اسان توهانجي پوڄا کان بلڪل بي خبر هئاسين.

هُنَالِكَ تَبْلُوْا كُلُّ نَفْسٍ مَّآ اَسْلَفَتْ وَرُدُّوْٓا اِلَى اللّٰهِ
مَوْلٰىهُمُ الْحَقِّ وَضَلَّ عَنْهُمْ مَّا كَانُوْا يَفْتَرُوْنَ ۝٣١ ع

٣١. (تڏهين) اتي هر هڪ شخص جيڪي ڪي هن (پنهن جي لاءِ) پوڪيو هوندو انهيءَ جو مزو چکندو ۽ انهنڪي انهن جي سچي مالڪ الله جي طرف (موٽائي) آندو ويندو ۽ جيڪي ڪي اهي (پنهنجي طرفان) گهڙيندا هئا اهو (سڀ) انهن کان وسري ويندو.

قُلْ مَنْ يَّرْزُقُكُمْ مِّنَ السَّمَآءِ وَالْاَرْضِ اَمَّنْ يَّمْلِكُ
السَّمْعَ وَالْاَبْصَارَ وَمَنْ يُّخْرِجُ الْحَيَّ مِنَ الْمَيِّتِ
وَيُخْرِجُ الْمَيِّتَ مِنَ الْحَيِّ وَمَنْ يُّدَبِّرُ الْاَمْرَ
فَسَيَقُوْلُوْنَ اللّٰهُ فَقُلْ اَفَلَا تَتَّقُوْنَ ۝٣٢

٣٢. تون (انهن کي) چؤ (تہ ٻڌايو) آسمانن ۽ زمين مان توهان کي ڪير روزي ڏئي ٿو يا (اهو تہ) ڪنن ۽ اکين تي ڪير اختيار رکيٿو ۽ ڪير (هڪ) مرده (شيءِ) مان زنده (شيءِ) ڪڍي ٿو ۽ زنده (شيءِ) مان مرده (شيءِ) ڪڍي ٿو ۽ ڪير (انهيءَ) سموري معاملي جو انتظام ڪريٿو انهيءَ تي اهي ضرور چوندا تہ الله (ڪريٿو) تڏهن (انهنکي) چؤ (تہ پوءِ سبب) ڇا (آهي جو) توهان تقويٰ اختيار نہ ٿا ڪيو.

فَذٰلِكُمُ اللّٰهُ رَبُّكُمُ الْحَقُّ فَمَاذَا بَعْدَ الْحَقِّ اِلَّا
الضَّلٰلُ فَاَنّٰى تُصْرَفُوْنَ ۝٣٣

٣٣. اها الله ئي (جي هستي) آهي (جيڪا ائين ڪريٿي) (۽ اهو ئي) توهانجو حقيقي رب (آهي) ۽ حق کي ڇڏي گمراهي کان سواءِ ڇا (حاصل ٿي) سگهي ٿو پوءِ (ٻڌايو تہ سهي تہ) ڪهڙيءَ طرح توهان (ٻئي ٻئي طرف) ڦيرايا وڃو ٿا.

كَذٰلِكَ حَقَّتْ كَلِمَتُ رَبِّكَ عَلَى الَّذِيْنَ فَسَقُوْٓا
اَنَّهُمْ لَا يُؤْمِنُوْنَ ۝٣٤

٣٤. اهڙي طرح جن ماڻهن نافرماني اختيار ڪئي آهي انهن تي تنهن جي رب جو حڪم پورو ٿيو آهي تہ اهي ايمان نہ ٿا آڻين.

قُلْ هَلْ مِنْ شُرَكَآئِكُمْ مَّنْ يَّبْدَؤُا الْخَلْقَ ثُمَّ يُعِيْدُهٗ ۚ قُلِ اللّٰهُ يَبْدَؤُا الْخَلْقَ ثُمَّ يُعِيْدُهٗ فَاَنّٰى تُؤْفَكُوْنَ ﴿٣٥﴾

٣٥. تون (انهنکي) چؤ (تہ) توهان جي (ٺهرايل) شريڪن مان ڪو (بہ اهڙو) آهي جيڪو پهريون دفعو پيدا ڪندو هجي (۽) وري انهيءَ (پيدائش) کي ورجائيندو هجي. تون (انهنکي) چؤ (تہ) الله (ئي آهي جيڪو) پهريون دفعو پيدا ڪري ٿو (۽) وري انهيءَ (پيدائش) کي ورجائي ٿو. پوءِ (ٻڌايو تہ انهيءَ هوندي بہ) توهان کي ڪهڙي طرف ڦيرايو وڃي ٿو.

قُلْ هَلْ مِنْ شُرَكَآئِكُمْ مَّنْ يَّهْدِيْٓ اِلَى الْحَقِّ ۚ قُلِ اللّٰهُ يَهْدِيْ لِلْحَقِّ ۚ اَفَمَنْ يَّهْدِيْٓ اِلَى الْحَقِّ اَحَقُّ اَنْ يُّتَّبَعَ اَمَّنْ لَّا يَهِدِّيْٓ اِلَّآ اَنْ يُّهْدٰى ۚ فَمَا لَكُمْ ۗ كَيْفَ تَحْكُمُوْنَ ﴿٣٦﴾

٣٦. تون (انهن کي هيءَ بہ) چؤ (تہ) ڇا توهان جي (بنايل) شريڪن مان ڪو (بہ اهڙو) آهي جيڪو حق جي طرف (ماڻهو جي) رهنمائي ڪندو هجي (اهي انهيءَ سوال جو ڪهڙو جواب ڏيندا) تون (خود ئي انهن کي) چؤ (تہ) الله (ئي آهي جو) حق جي طرف (ماڻهن جي) رهنمائي ڪري ٿو. پوءِ ڇا اهو (خدا) جيڪو حق جي طرف رهنمائي ڪري ٿو انهيءَ ڳالهہ جو زياده مستحق آهي تہ هن (جي حڪمن) جي پيروي ڪئي وڃي يا اهو (فرضي خدا) جيڪو سواءِ انهيءَ (صورت) جي جو انهيءَ کي (هدايت جو) رستو ڏيکاريو وڃي (خود بہ) رستو نٿو لهي. پوءِ ٻڌايو توهان کي ڇا ٿي ويو آهي ؟ توهان ڪهڙا فيصلا ڪيو ٿا ؟

وَمَا يَتَّبِعُ اَكْثَرُهُمْ اِلَّا ظَنًّا ۚ اِنَّ الظَّنَّ لَا يُغْنِيْ مِنَ الْحَقِّ شَيْئًا ۚ اِنَّ اللّٰهَ عَلِيْمٌۢ بِمَا يَفْعَلُوْنَ ﴿٣٧﴾

٣٧. ۽ انهن مان اڪثر (پنهن جي) وهم کان سواءِ (ٻي ڪنهن شي جي) پيروي نہ ٿا ڪن (حالانڪ وهم حق جي جاءِ تي ڪوبہ ڪم نٿو ڏئي. جيڪي ڪي اهي (ماڻهو) ڪن ٿا (انهيءَ کي) الله يقينن چڱيءَ طرح ڄاڻي ٿو.

وَمَا كَانَ هٰذَا الْقُرْاٰنُ اَنْ يُّفْتَرٰى مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ
وَلٰكِنْ تَصْدِيْقَ الَّذِيْ بَيْنَ يَدَيْهِ وَتَفْصِيْلَ الْكِتٰبِ
لَا رَيْبَ فِيْهِ مِنْ رَّبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٣٧﴾

٣٨. ۽ هن قرآن جو الله کان سواءِ (ڪنهن ٻئي) جي طرفان ڪوڙي نموني سان ٺاهڻ (ممڪن ئي) نٿو ٿي سگهي . پر هي (تہ) انهيءَ (ڪلام الاهي) جي تصديق ڪري ٿو جيڪو هن کان اڳ (موجود) آهي ۽ ڪتاب (الاهي ۾ جو ڪجهہ هئڻ گهرجي انهيءَ) جو تفصيل (بيان ڪري ٿو ۽) انهيءَ ۾ بہ ڪو شڪ ڪونهي تہ هي سڀني جهانن جي رب جي طرفان آهي.

اَمْ يَقُوْلُوْنَ افْتَرٰىهُ ۭ قُلْ فَاْتُوْا بِسُوْرَةٍ مِّثْلِهٖ وَادْعُوْا
مَنِ اسْتَطَعْتُمْ مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿٣٨﴾

٣٩. ڇا اهي چون ٿا تہ هن (شخص) اهو (پنهن جي طرفان) گهڙيو آهي ؟ تون (انهنکي) چؤ (تہ) جيڪڏهن توهان (انهيءَ بيان ۾) سچا آهيو تہ انهيءَ (جي سورتن) جهڙي ڪا هڪ (ئي) سورت آڻيو ۽ الله کان سواءِ جنهن (کي بہ سڏڻ) جي توهان کي طاقت هجي (پنهن جي مدد لاءِ) سڏيو.

بَلْ كَذَّبُوْا بِمَا لَمْ يُحِيْطُوْا بِعِلْمِهٖ وَلَمَّا يَاْتِهِمْ تَاْوِيْلُهٗ
كَذٰلِكَ كَذَّبَ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ فَانْظُرْ كَيْفَ كَانَ
عَاقِبَةُ الظّٰلِمِيْنَ ﴿٣٩﴾

٤٠. (پر انهن جو اهو خيال درست نہ آهي) پر (حقيقت ۾) انهن (هڪ) اهڙي شيءِ کي ڪوڙو ڪيو آهي جنهن جو انهن پورو علم حاصل ئي نہ ڪيو هو . ۽ نہ (ئي) اڃا اِنهيءَ جي حقيقت اُنهن تي ظاهر ٿي هئي. جيڪي ماڻهو انهن کان پهرئين هئا انهن (بہ) اهڙي طرح ڪوڙو ڪيو هو پوءِ ڏس (تہ) انهن ظالمن جي ڪهڙي پڄاڙي ٿي هئي.

وَمِنْهُمْ مَّنْ يُّؤْمِنُ بِهٖ وَمِنْهُمْ مَّنْ لَّا يُؤْمِنُ بِهٖ
وَرَبُّكَ اَعْلَمُ بِالْمُفْسِدِيْنَ ﴿٤٠﴾

٤١. ۽ انهن مان ڪي اهڙا آهن جيڪي انهيءَ تي ايمان آڻيندا ۽ ڪي اهڙا آهن جيڪي انهيءَ تي ايمان نہ آڻيندا ۽ تنهن جو رب فساد ڪرڻ وارن کي چڱيءَ طرح ڄاڻيٿو.

وَاِنْ كَذَّبُوْكَ فَقُلْ لِّيْ عَمَلِيْ وَلَكُمْ عَمَلُكُمْ ۚ اَنْتُمْ

٤٢. ۽ جيڪڏهن اهي توکي ڪوڙو ڪن تون

بَرِيْٓـُٔوْنَ مِمَّآ اَعْمَلُ وَاَنَا بَرِيْٓءٌ مِّمَّا تَعْمَلُوْنَ ﴿٤٢﴾

(انهن کي) چؤ (تہ) منهن جو عمل (خود) منهن جي لاءِ (فائدي يا نقصان وارو) ٿيندو ۽ توهان جو عمل توهان لاءِ (فائدي يا نقصان وارو ٿيندو) جيڪي ڪي مان ڪيان ٿو انهيءَ کان توهان ڇڙل آهيو. ۽ جيڪي ڪجهہ توهان ڪيو ٿا انهيءَ کان مان ڇڙل آهيان.

وَمِنْهُمْ مَّنْ يَّسْتَمِعُوْنَ اِلَيْكَ ۭ اَفَاَنْتَ تُسْمِعُ الصُّمَّ وَلَوْ كَانُوْا لَا يَعْقِلُوْنَ ﴿٤٣﴾

٤٣- ۽ انهن (ماڻهن) مان (ڪي اهڙا) آهن جيڪي تنهن جي (ڳالهين جي) طرف (هر وقت) ڪن ڏين ٿا. (تہ) ڇا تون اهڙن ٻوڙن کي جيتوڻيڪ اهي عقل کان ڪم (ئي) نہ وٺندا هجن (پنهن جي ڳالهہ) ٻڌارائي سگهندين؟

وَمِنْهُمْ مَّنْ يَّنْظُرُ اِلَيْكَ ۭ اَفَاَنْتَ تَهْدِي الْعُمْيَ وَلَوْ كَانُوْا لَا يُبْصِرُوْنَ ﴿٤٤﴾

٤٤- ۽ انهن مان ڪي اهڙا (بہ) آهن جيڪي تنهن جي طرف (نظرون ڄمائي) ڏسندا (رهن) ٿا (تہ) ڇا تون انهن انڌن جي جيتوڻيڪ اهي بصيرت (بہ) نہ رکندا هجن رهنمائي ڪري سگهندين.

اِنَّ اللّٰهَ لَا يَظْلِمُ النَّاسَ شَيْـًٔا وَّلٰكِنَّ النَّاسَ اَنْفُسَهُمْ يَظْلِمُوْنَ ﴿٤٥﴾

٤٥- الله (جو شان) يقينن (اهڙو آهي جو اهو) ماڻهن تي ڪو بہ ظلم نٿو ڪري پر ماڻهو پنهنجي جانين تي (خود ئي) ظلم ڪن ٿا.

وَيَوْمَ يَحْشُرُهُمْ كَاَنْ لَّمْ يَلْبَثُوْٓا اِلَّا سَاعَةً مِّنَ النَّهَارِ يَتَعَارَفُوْنَ بَيْنَهُمْ ۭ قَدْ خَسِرَ الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِلِقَاۗءِ اللّٰهِ وَمَا كَانُوْا مُهْتَدِيْنَ ﴿٤٦﴾

٤٦- ۽ جنهن ڏينهن هو انهنکي اهڙي حالت ۾ جمع ڪندو تہ (اهي محسوس ڪندا هوندا تہ) ڄڻ اهي ڏينهن جي هڪ گهڙي کانسواءِ (دنيا ۾) نہ رهيا هئا (انهيءَ ڏينهن) اهي هڪ ٻئي (جي حالت) کي معلوم ڪري وٺندا (ياد رکو تہ) جن ماڻهن الله جي حضور پيش ٿيڻ (جي واعدي) کي ڪوڙو ڪيو ۽ اهي هدايت کي قبول ڪرڻ وارا نہ بنيا انهن نقصان (ئي) پاتو.

وَإِمَّا نُرِيَنَّكَ بَعْضَ الَّذِي نَعِدُهُمْ
أَوْ نَتَوَفَّيَنَّكَ فَإِلَيْنَا مَرْجِعُهُمْ ثُمَّ اللَّهُ شَهِيدٌ
عَلَىٰ مَا يَفْعَلُونَ ۝

۴۷- ۽ جنهن (عذاب جي موڪلڻ) جو اسان انهن سان واعدو ڪيونٿا جيڪڏهن اسان انهيءَ جو ڪو حصو (تنهن جي سامهون موڪلي) توکي ڏيکاريون (تہ تون بہ ڏسي وٺندين) ۽ جيڪڏهن اسان (انهي گهڙيءَ کان پهرئين) توکي وفات ڏئي ڇڏيون تہ (توکي موت کان پوءِ) انهيءَ جي حقيقت معلوم ٿي ويندي بهرحال (ڇاڪاڻ تہ) انهن کي اسان جي طرف موٽڻو آهي (انهن کي بہ اتي انهيءَ جي حقيقت معلوم ٿي ويندي) ۽ (ياد رکو تہ) جيڪي ڪي اهي ڪن ٿا الله انهيءَ کان چڱيءَ طرح آگاهہ آهي.

وَلِكُلِّ أُمَّةٍ رَّسُولٌ ۖ فَإِذَا جَاءَ رَسُولُهُمْ قُضِيَ بَيْنَهُم
بِالْقِسْطِ وَهُمْ لَا يُظْلَمُونَ ۝

۴۸- ۽ هر هڪ قوم جي لاءِ هڪ (نہ هڪ) رسول (جو اچڻ ضروري هوندو) آهي. پوءِ جڏهن انهن جو رسول ايندو آهي تہ انهن جي وچم انصاف سان فيصلو ڪيو ويندو آهي ۽ انهن تي ڪو ظلم نہ ڪيو ويندو آهي.

وَيَقُولُونَ مَتَىٰ هَٰذَا الْوَعْدُ إِن كُنتُمْ صَادِقِينَ ۝

۴۹- ۽ اهي چون ٿا (تہ) جيڪڏهن توهان سچا آهيو تہ اهو وعدو ڪڏهن پورو ٿيندو؟

قُل لَّا أَمْلِكُ لِنَفْسِي ضَرًّا وَلَا نَفْعًا إِلَّا مَا شَاءَ اللَّهُ ۗ
لِكُلِّ أُمَّةٍ أَجَلٌ ۚ إِذَا جَاءَ أَجَلُهُمْ فَلَا يَسْتَأْخِرُونَ
سَاعَةً ۖ وَلَا يَسْتَقْدِمُونَ ۝

۵۰- تون (انهن کي) چؤ (تہ) مان (تہ) الله جي مرضيءَ کان سواءِ (خود) پنهن جي حق ۾ (بہ) نہ ڪنهن نقصان تي وس رکان ٿو ۽ نہ ڪنهن نفعي تي (ها اهو صحيح آهي تہ) هر هڪ قوم جي (عذاب جي لائق هجڻ جي) لاءِ هڪ مدو مقرر هوندو آهي. جڏهن اهو اچي ويندو آهي تہ (انهيءَ وقت) اها نہ ڪا گهڙي (ان کان) پوئتي رهي (ان کان بچي) سگهي ٿو ۽ نہ (ئي) اڳتي وڌي (ڪري انهيءَ کان ڇوٽڪارو پائي) سگهي ٿو.

قُلْ أَرَأَيْتُمْ إِنْ أَتَاكُمْ عَذَابُهُ بَيَاتًا أَوْ نَهَارًا مَّاذَا

۵۱- تون (انهنکي) چؤ (تہ ڀلا) ٻڌايو (تہ

يَسْتَعْجِلُ مِنْهُ الْمُجْرِمُوْنَ ﴿٥١﴾

سهي تہ) جيڪڏهن انهيءَ جو عذاب رات جو يا ڏينهن جو (توهانجي ڏسندي ڏسندي) توهان تي اچي وڃي تہ ڏوهاري ماڻهو ان ڪان ڪهڙي طرح ڀڄي سگهندا.

اَثُمَّ اِذَا مَا وَقَعَ اٰمَنْتُمْ بِهٖ ؕ آٰلْـٰٔنَ وَقَدْ كُنْتُمْ بِهٖ تَسْتَعْجِلُوْنَ ﴿٥٢﴾

٥٢. ڇا پوءِ جڏهن اهو اچي ويندو (تہ انهيءَ وقت) توهان انهيءَ تي ايمان آڻيندو (انهيءَ جو ڪو فائدو نہ ٿو ٿي سگهي) (انهيءَ وقت تہ توهانکي چيو ويندو تہ) ڇا هاڻي (توهان ايمان آڻيو ٿا) جيتوڻيڪ (انهيءَ جي اچڻ تائين) توهان انهيءَ جي جلد اچڻ جو مطالبو ڪندا رهيا آهيو.

ثُمَّ قِيْلَ لِلَّذِيْنَ ظَلَمُوْا ذُوْقُوْا عَذَابَ الْخُلْدِ ۚ هَلْ تُجْزَوْنَ اِلَّا بِمَا كُنْتُمْ تَكْسِبُوْنَ ﴿٥٣﴾

٥٣. پوءِ جن ماڻهن ظلم ڪيو هوندو. انهن کي چيو ويندو ـ (تہ هاڻي)توهان قائم رهڻ وارو عذاب چکو. ڇاتوهان کي پنهن جي عمل کانسواءِ ڪنهن ٻيءَ شيءِ جو بدلو ڏنو پيو وڃي.

وَيَسْتَنْۢبِـُٔوْنَكَ اَحَقٌّ هُوَ ؕ قُلْ اِيْ وَرَبِّيْٓ اِنَّهٗ لَحَقٌّ ؕۚ وَمَآ اَنْتُمْ بِمُعْجِزِيْنَ ﴿٥٤﴾ ع

٥٤. ۽ اهي توکان پڇن ٿا ـ (تہ) ڇا اهو (عذاب سچ پچ) ٿيندو. تون انهنکي چؤ (تہ) هائو! مونکي پنهنجي رب جو قسم آهي (تہ) اهو يقينن ٿيڻ وارو آهي. ۽ توهان (ائين ڪرڻ کان خدا کي) عاجز نہ ٿا ڪري سگهو.

وَلَوْ اَنَّ لِكُلِّ نَفْسٍ ظَلَمَتْ مَا فِي الْاَرْضِ لَافْتَدَتْ بِهٖ ؕ وَاَسَرُّوا النَّدَامَةَ لَمَّا رَاَوُا الْعَذَابَ ۚ وَقُضِيَ بَيْنَهُمْ بِالْقِسْطِ وَهُمْ لَا يُظْلَمُوْنَ ﴿٥٥﴾

٥٥. ۽ جيڪڏهن ڪنهن اهڙي شخص کي جيڪو ظالم بنيو آهي، اهو سڀ ڪجهہ ملي وڃي ها، جيڪو زمين ۾ موجود آهي تہ اهو انهيءَ کي ڏئي پنهن جي نفس کي ڇڏائڻ ۾ ڪوتاهي نہ ڪري ها (يعني جيڪڏهن ممڪن هجي ها، پر ائين نہ ٿي سگهندو) ۽ جڏهن اهي عذاب کي ڏسندا تہ اهي (پنهن جي) شرم کي لڪائيندا ۽ انهن جي وچ

انصاف سان فيصلو ڪيو ويندو ۽ انهن تي ڪوبہ ظلم نہ ڪيو ويندو.

اَلَآ اِنَّ لِلّٰهِ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۭ اَلَآ اِنَّ وَعْدَ اللّٰهِ حَقٌّ وَّلٰكِنَّ اَكْثَرَهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿٥٥﴾

٥٦. ٻڌو! جيڪي ڪي آسمانن ۽ زمين ۾ (ملي) ٿو اهو (سڀيئي) يقينن الله ئي جو آهي ۽ الله جو واعدو يقينن پورو ٿيڻ وارو آهي. پر انهن مان اڪثر (ماڻهو) نہ ٿا ڄاڻن.

هُوَ يُحْيٖ وَيُمِيْتُ وَاِلَيْهِ تُرْجَعُوْنَ ﴿٥٦﴾

٥٧. اهو زنده ڪري ٿو ۽ ماريٿو ۽ انهيءَ ڏانهن توهان کي موٽايو ويندو.

يٰٓاَيُّهَا النَّاسُ قَدْ جَاۗءَتْكُمْ مَّوْعِظَةٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ وَشِفَاۗءٌ لِّمَا فِي الصُّدُوْرِ ڏ وَهُدًى وَّرَحْمَةٌ لِّلْمُؤْمِنِيْنَ ﴿٥٧﴾

٥٨. اي انسانو! توهان وٽ توهان جي رب جي طرفان يقينن هڪ اهڙو ڪتاب اچي ويو آهي، جيڪو سراسر نصيحت آهي ۽ اهو (هر ڪنهن) انهيءَ (بيماريءَ) جي لاءِ جيڪا سينن ۾ (ملندي) هجي، شفا ڏيڻ وارو آهي ۽ ايمان آڻڻ وارن جي لاءِ هدايت ۽ رحمت آهي.

قُلْ بِفَضْلِ اللّٰهِ وَبِرَحْمَتِهٖ فَبِذٰلِكَ فَلْيَفْرَحُوْا ۭ هُوَ خَيْرٌ مِّمَّا يَجْمَعُوْنَ ﴿٥٨﴾

٥٩. تون انهنکي چؤ (تہ هي سڀ ڪجهہ) الله جي فضل ۽ انهيءَ جي رحمت سان ٻڌل آهي پوءِ انهيءَ تي انهنکي خوشي ملهائڻ گهرجي جيڪو (مال) اهي جمع ڪري رهيا آهن انهيءَ کان هيءَ (نعمت) زياده بهتر آهي.

قُلْ اَرَءَيْتُمْ مَّآ اَنْزَلَ اللّٰهُ لَكُمْ مِّنْ رِّزْقٍ فَجَعَلْتُمْ مِّنْهُ حَرَامًا وَّحَلٰلًا ۭ قُلْ ءٰۗللّٰهُ اَذِنَ لَكُمْ اَمْ عَلَي اللّٰهِ تَفْتَرُوْنَ ﴿٥٩﴾

٦٠. تون (انهنکي) چؤ (تہ) ڇا توهان انهيءَ ڳالهہ کي (بہ ڪڏهن سوچي) ڏٺو آهي تہ الله توهان لاءِ (آسمانن مان) رزق لاٿو آهي پوءِ توهان انهيءَ مان (ڪجهہ) حرام ۽ (ڪجهہ) حلال ڪري ڇڏيو آهي تون (انهنکي) چؤ (تہ) ڇا الله توهان کي (هن ڳالهہ جي) اجازت ڏني آهي يا توهان الله تي (رڳو) ڪوڙ گهڙيو ٿا.

وَمَا ظَنُّ الَّذِيْنَ يَفْتَرُوْنَ عَلَي اللّٰهِ الْكَذِبَ يَوْمَ

٦١. ۽ جيڪي ماڻهو الله تي ڪوڙ گهڙين ٿا

الْقِيٰمَةِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَذُوْ فَضْلٍ عَلَى النَّاسِ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَهُمْ لَا يَشْكُرُوْنَ ﴿٦٠﴾ ع

انهن جو قيامت جي ڏينهن جي متعلق ڪهڙو خيال آهي. الله ماڻهن تي يقينن (تمام وڏو) انعام ڪرڻ وارو آهي. پر انهن مان اڪثر (ماڻهو) شڪر نٿا ڪن.

وَمَا تَكُوْنُ فِيْ شَاْنٍ وَّمَا تَتْلُوْا مِنْهُ مِنْ قُرْاٰنٍ وَّلَا تَعْمَلُوْنَ مِنْ عَمَلٍ اِلَّا كُنَّا عَلَيْكُمْ شُهُوْدًا اِذْ تُفِيْضُوْنَ فِيْهِ ؕ وَمَا يَعْزُبُ عَنْ رَّبِّكَ مِنْ مِّثْقَالِ ذَرَّةٍ فِي الْاَرْضِ وَلَا فِي السَّمَآءِ وَلَآ اَصْغَرَ مِنْ ذٰلِكَ وَلَآ اَكْبَرَ اِلَّا فِيْ كِتٰبٍ مُّبِيْنٍ ﴿٦١﴾

٦٢- ۽ تون نه (ڪڏهين) ڪنهن ڪم ۾ (مشغول) هوندو آهين ۽ نه تون انهي (ڪتاب) مان ڪو حصو قرآن جو پڙهين ٿو ۽ نه (ئي) توهان (سڀ ماڻهو) ڪو (ٻيو) ڪم ڪيو ٿا پر (انهن سڀني صورتن ۾) جڏهن توهان (پنهن جي ڪم ۾ پوري) ڌيان سان مشغول هوندا آهيو اسان توهان کي ڏسندا رهندا آهيون ۽ زمين يا آسمان ۾ ڪابه (هڪ) ذري برابر شيء (به) تنهن جي رب (جي نظر) کان لڪل نه هوندي آهي ۽ نه (ئي ذري کان) ڪا ننڍي شيء يا وڏي شيء آهي جيڪا (هر هڪ حقيقت کي) روشن ڪري ڇڏڻ واري هڪ ڪتاب ۾ (ذڪر ڪيل ۽ موجود) نه هجي.

اَلَآ اِنَّ اَوْلِيَآءَ اللّٰهِ لَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ﴿٦٢﴾

٦٣- ٻڌو! جيڪي (ماڻهو) الله سان سچي محبت رکڻ وارا آهن انهن تي نه ڪو خوف (غالب ٿيندو) آهي ۽ نه اهي غمگين ٿيندا آهن.

الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَكَانُوْا يَتَّقُوْنَ ﴿٦٣﴾

٦٤- (يعني اهي ماڻهو) جن ايمان آندو ۽ تقويٰ کي (هميشه) هلندڙ وقت مطابق ضروري سمجهندا هئا

لَهُمُ الْبُشْرٰى فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَفِي الْاٰخِرَةِ ؕ لَا تَبْدِيْلَ لِكَلِمٰتِ اللّٰهِ ؕ ذٰلِكَ هُوَ الْفَوْزُ الْعَظِيْمُ ﴿٦٤﴾

٦٥- انهن لاء (هن) دنيوي زندگيءَ ۾ (به) خدا جي طرفان خوشخبري (حاصل ڪرڻ وارو انعام مقرر) آهي ۽ پوء واري (زندگي) ۾ به الله جي (حڪم ڪيل) ڳالهين ۾ (هرگز) ڪابه تبديلي نه ٿي (ٿي سگهي) اهائي

(اها ڪاميابي آهي جيڪا وڏي) عظيمُ الشّان ڪاميابي (چوائي سگهي) ٿي.

وَلَا يَحْزُنْكَ قَوْلُهُمْ ۘ إِنَّ الْعِزَّةَ لِلّٰهِ جَمِيعًا ۚ هُوَ السَّمِيعُ الْعَلِيمُ ﴿٦٦﴾

٦٦. ۽ (گهرجي تہ) انهن جي (مخالف) ڳالهہ توهان کي غمگين نہ ڪري (ڇو تہ) غلبو پوريءَ طرح الله کي حاصل آهي (۽) هو چڱيءَ طرح ٻڌڻ وارو (۽) چڱيءَ طرح ڄاڻڻ وارو آهي.

اَلَآ اِنَّ لِلّٰهِ مَنْ فِي السَّمٰوٰتِ وَمَنْ فِي الْاَرْضِ ۭ وَمَا يَتَّبِعُ الَّذِيْنَ يَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ شُرَكَاۗءَ ۭ اِنْ يَّتَّبِعُوْنَ اِلَّا الظَّنَّ وَاِنْ هُمْ اِلَّا يَخْرُصُوْنَ ﴿٦٧﴾

٦٧. ٻڌو! (مخلوق جو) جيڪو (فرد بہ) آسمانن جي اندر (ملي ٿو) ۽ زمين ۾ (موجود) آهي (هر هڪ) الله ئي جو آهي ۽ جيڪي ماڻهو الله کانسواءِ (ٻين شين کي) پڪارين ٿا اهي (دراصل خدا جي) شريڪن جي پيروي نٿا ڪن (پر حق اهو آهي تہ) اهي صرف (پنهن جي) وهم جي پيروي ڪن ٿا. ۽ اهي صرف اندازن (۽ دوکن) کان ڪم وٺن ٿا.

هُوَ الَّذِيْ جَعَلَ لَكُمُ الَّيْلَ لِتَسْكُنُوْا فِيْهِ وَالنَّهَارَ مُبْصِرًا ۭ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّقَوْمٍ يَّسْمَعُوْنَ ﴿٦٨﴾

٦٨. اها (لا شريڪ هستي) ئي آهي جنهن توهان جي لاءِ رات کي انهيءَ لاءِ (اونداهو) بنايو آهي تہ توهان انهيءَ ۾ آرام وٺو ۽ (انهيءَ جي ابتڙ) ڏينهن کي (ڪم ڪار لاءِ) روشن (بنايو آهي) جيڪي ماڻهو (حق جي ڳالهہ کي) ٻڌن (۽ انهيءَ مان فائدو وٺن) ٿا انهنجي لاءِ هن نظام ۾ يقينن ڪيترين ئي نشانيون آهن.

قَالُوا اتَّخَذَ اللّٰهُ وَلَدًا سُبْحٰنَهٗ ۭ هُوَ الْغَنِيُّ ۭ لَهٗ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ ۭ اِنْ عِنْدَكُمْ مِّنْ سُلْطٰنٍۢ بِهٰذَا ۭ اَتَقُوْلُوْنَ عَلَى اللّٰهِ مَا لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿٦٩﴾

٦٩. (۽) انهن (تہ ايستائين) چئي ڇڏيو آهي (تہ) الله (بہ پنهن جي لاءِ) اولاد اختيار ڪيو آهي (حالانڪ اسان تہ انهيءَ کي) ان ڳالهہ کان پاڪ قرار ڏيون ٿا. اهو نهايت (ئي) بي نياز آهي جيڪي ڪي آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي ڪي زمين ۾ (موجود) آهي

(سڀ) انهيءَ جو آهي. انهي (دعويٰ) جو (جاتوهان ڪريو ٿا) توهان وٽ ڪوبہ ثبوت نہ آهي (پوءِ) ڇا توهان الله جي طرف اها (ڳالهہ) منسوب ڪريو ٿا جنهن بابت توهان (ڪوبہ) علم نہ ٿا رکو.

قُلْ إِنَّ الَّذِينَ يَفْتَرُونَ عَلَى اللَّهِ الْكَذِبَ لَا يُفْلِحُونَ ۝٦٩

٧٠ تون (انهنکي) چؤ (تہ) جيڪي (ماڻهو) الله تي ڪوڙ هڻن ٿا. اهي هرگز ڪامياب نہ ٿا ٿين.

مَتَاعٌ فِي الدُّنْيَا ثُمَّ إِلَيْنَا مَرْجِعُهُمْ ثُمَّ نُذِيقُهُمُ الْعَذَابَ الشَّدِيدَ بِمَا كَانُوا يَكْفُرُونَ ۝٧٠

٧١ دنيا ۾ (انهن جو حصو صرف چند ڏينهن لاءِ) نفعو حاصل ڪرڻ آهي پوءِ انهنکي اسان ڏانهن موٽڻو پوندو پوءِ انهيءَ سبب ڪري جو اهي ڪفر ڪندي هليا وڃن ٿا اسان انهنکي سخت عذاب (جو مزو) چکائينداسين.

وَاتْلُ عَلَيْهِمْ نَبَأَ نُوحٍ إِذْ قَالَ لِقَوْمِهِ يَا قَوْمِ إِنْ كَانَ كَبُرَ عَلَيْكُمْ مَقَامِي وَتَذْكِيرِي بِآيَاتِ اللَّهِ فَعَلَى اللَّهِ تَوَكَّلْتُ فَأَجْمِعُوا أَمْرَكُمْ وَشُرَكَاءَكُمْ ثُمَّ لَا يَكُنْ أَمْرُكُمْ عَلَيْكُمْ غُمَّةً ثُمَّ اقْضُوا إِلَيَّ وَلَا تُنْظِرُونِ ۝٧١

٧٢ ۽ تون انهنکي نوح جو حال (بہ) پڙهي ٻڌاءِ جاڪاڻ تہ انهي (بہ) پنهن جي قوم کي چيو هو (تہ) اي منهن جي قوم! جيڪڏهن توهان کي منهنجو (خدا وٽان مليل) مرتبو ۽ الله جي نشانين جي ذريعي توهان کي (توهان جو فرض) ياد ڏيارڻ ڳورو (لڳي) ٿو تہ ياد رکو تہ صرف الله جي ذات تي مان ڀروسو رکان ٿو. توهان پنهنجي مقرر ڪيل شريڪن سميت پنهن جي ڳالهہ (جي متعلق سڀني پڪائيءَ جي سامانن) کي جمع ڪري وٺو (۽) پڻ گهرجي تہ توهان جي ڳالهہ توهان تي (ڪنهن بہ صورت ۾) شڪ واري نہ رهي. پوءِ انهيءَ کي مونتي جاري ڪري ڇڏيو ۽ مونکي (ڪوبہ موقعو ۽) مهلت نہ ڏيو.

فَإِنْ تَوَلَّيْتُمْ فَمَا سَأَلْتُكُمْ مِنْ أَجْرٍ إِنْ أَجْرِيَ إِلَّا

٧٣ پوءِ بہ جيڪڏهن توهان ڦري وڃو تہ انهيءَ ۾ منهن جو ڪوبہ نقصان ڪونهي

عَلَى اللّٰهِ ۙ وَاُمِرْتُ اَنْ اَكُوْنَ مِنَ الْمُسْلِمِيْنَ ﴿٧٢﴾

(پر توهان جوئي آهي) ڇو جو مون توهان کان (انهيءَ جي بدلي ۾) ڪوبہ اجر نہ گهريو آهي. منهن جو اجر الله کان سواءِ ٻئي ڪنهن تي ڪونهي. ۽ مونکي حڪم ڏنو ويو آهي تہ مان (انهيءَ جي) ڪامل فرمانبردارن مان بنجان.

فَكَذَّبُوْهُ فَنَجَّيْنٰهُ وَمَنْ مَّعَهٗ فِى الْفُلْكِ وَجَعَلْنٰهُمْ خَلٰٓئِفَ وَ اَغْرَقْنَا الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا ۚ فَانْظُرْ كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الْمُنْذَرِيْنَ ﴿٧٣﴾

٧٤ انهيءَ تي بہ انهن انهيءَ کي ڪوڙو ڪيوتڏهن اسان انهيءَ کي ۽ (ٻئا) انهنکي جيڪي ٻيڙيءَ ۾ انهي سان (سوار) هئا بچائي ورتو. ۽ انهنکي اسان اڳين ماڻهن جو جانشين بنائي ڇڏيو ۽ جن ماڻهن اسان جي نشانن کي ڪوڙو ڪيو (هو) انهن کي اسان غرق ڪري ڇڏيو سو ڏسو (تہ) جن ماڻهن کي (انهي عذاب کان) خبردار ڪيو هو انهن جي پڇاڙي ڪهڙي ٿي؟

ثُمَّ بَعَثْنَا مِنْۢ بَعْدِهٖ رُسُلًا اِلٰى قَوْمِهِمْ فَجَآءُوْهُمْ بِالْبَيِّنٰتِ فَمَا كَانُوْا لِيُؤْمِنُوْا بِمَا كَذَّبُوْا بِهٖ مِنْ قَبْلُ ؕ كَذٰلِكَ نَطْبَعُ عَلٰى قُلُوْبِ الْمُعْتَدِيْنَ ﴿٧٤﴾

٧٥ پوءِ انهيءَ کان پوءِ اسان ٻيا (بہ ڪيترا) رسول پنهن جي (پنهن جي) قوم ڏانهن موڪليا ۽ اهي انهن وٽ روشن نشان کڻي آيا تہ اهي (ماڻهو) انهيءَ سبب ڪري جو (انهيءَ کان پهرئين) انهيءَ (سچائيءَ) کي ڪوڙو ڪري چڪا هئا (انهن تي) ايمان نہ آندو. اسان حد کان وڌي وڃڻ جي دلين تي اهڙي طرح مهر لڳائيندا آهيون.

ثُمَّ بَعَثْنَا مِنْۢ بَعْدِهِمْ مُّوْسٰى وَهٰرُوْنَ اِلٰى فِرْعَوْنَ وَمَلَا۟ئِهٖ بِاٰيٰتِنَا فَاسْتَكْبَرُوْا وَكَانُوْا قَوْمًا مُّجْرِمِيْنَ ﴿٧٥﴾

٧٦ پوءِ انهن کان پوءِ اسان موسيٰ ۽ هارون کي پنهنجا نشان ڏئي فرعون ۽ انهيءَ جي قوم جي وڏن ماڻهن ڏانهن موڪليو تہ انهن تڪبر اختيار ڪيو ۽ اهي (پهرين کان ئي) هڪ ڏوهاري قوم هئا.

فَلَمَّا جَآءَهُمُ الْحَقُّ مِنْ عِنْدِنَا قَالُوْٓا اِنَّ هٰذَا لَسِحْرٌ

٧٧ پوءِ جڏهن اسان جي طرفان انهن وٽ حق آيو تہ انهن چيو (تہ) هيءَ ضرور هڪ

مُّبِيْنٌ ﴿٧٧﴾

(تعلقات کي) ٽوڙڻ وارو دوکو آهي.

قَالَ مُوْسٰى اَتَقُوْلُوْنَ لِلْحَقِّ لَمَّا جَآءَكُمْ ؕ اَسِحْرٌ هٰذَا ؕ وَلَا يُفْلِحُ السّٰحِرُوْنَ ﴿٧٨﴾

٧٨. (انهيءَ تي) موسىٰ انهنکي چيو (تہ) ڇا توهان حق جي باري ۾ (ائين) چئو ٿا (۽ اهو بہ انهيءَ وقت) جڏهن اهو توهان وٽ اچي ويو آهي ڇا اهو دوکو (ٿي سگهي ٿو؟) حالانڪ دوکو ڏيڻ وارا ڪامياب نہ ٿا ٿين.

قَالُوْٓا اَجِئْتَنَا لِتَلْفِتَنَا عَمَّا وَجَدْنَا عَلَيْهِ اٰبَآءَنَا وَتَكُوْنَ لَكُمَا الْكِبْرِيَآءُ فِي الْاَرْضِ ؕ وَمَا نَحْنُ لَكُمَا بِمُؤْمِنِيْنَ ﴿٧٩﴾

٧٩. انهن چيو ڇا تون (انهيءَ ڪري) اسان وٽ آيو آهين تہ جنهن ڳالهہ تي اسان پنهنجي پيءُ ڏاڏن کي ڏٺو آهي انهيءَ کان اسان کي هٽائي ڇڏين ۽ توهان ٻنهي کي ملڪ ۾ وڏائي حاصل ٿي وڃي ۽ اسان تہ توهان تي هرگز ايمان نہ آڻينداسين.

وَقَالَ فِرْعَوْنُ ائْتُوْنِيْ بِكُلِّ سٰحِرٍ عَلِيْمٍ ﴿٨٠﴾

٨٠. ۽ فرعون (پنهن جي ماڻهن کي) چيو (تہ) توهان مون وٽ (ملڪ پرجي) هر هڪ ڪامل واقفيت رکڻ واري جادوگر کي وٺي اچو.

فَلَمَّا جَآءَ السَّحَرَةُ قَالَ لَهُمْ مُّوْسٰٓى اَلْقُوْا مَآ اَنْتُمْ مُّلْقُوْنَ ﴿٨١﴾

٨١. پوءِ جڏهن جادوگر (ماڻهو) آيا تہ موسىٰ انهنکي چيو (تہ) جيڪي ڪي توهان کي اڇلائڻو آهي سو اڇلايو.

فَلَمَّآ اَلْقَوْا قَالَ مُوْسٰى مَا جِئْتُمْ بِهِ ۙ السِّحْرُ ؕ اِنَّ اللّٰهَ سَيُبْطِلُهٗ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُصْلِحُ عَمَلَ الْمُفْسِدِيْنَ ﴿٨٢﴾

٨٢. انهيءَ تي جڏهن انهنکي (جيڪي) ڪجهہ اڇلائڻو هو) اڇلايو - تہ موسىٰ چيو (تہ) جيڪي ڪي توهان ماڻهن پيش ڪيو آهي, سمورو دوکو آهي. (۽) الله ضرور انهيءَ کي مٽائي ڇڏيندو. الله فسادين جي ڪاروائن کي ڪڏهن ڪامياب ٿيڻ نہ ڏيندو آهي.

وَيُحِقُّ اللّٰهُ الْحَقَّ بِكَلِمٰتِهٖ وَلَوْ كَرِهَ الْمُجْرِمُوْنَ ﴿٨٣﴾ ع ٨ ١٣

٨٣. ۽ الله پنهن جي ڪلمن جي ذريعي حق کي قائم ڪندو آهي توڙي ڏوهاري (ماڻهو انهيءَ ڳالهہ کي) ناپسند ڪن.

فَمَآ اٰمَنَ لِمُوْسٰٓى اِلَّا ذُرِّيَّةٌ مِّنْ قَوْمِهٖ عَلٰى خَوْفٍ

٨٤. پوءِ (بہ) ان جي قوم جي چند نوجوانن

مِنْ فِرْعَوْنَ وَمَلَا۟ئِهِمْ أَنْ يَّفْتِنَهُمْ ۚ وَإِنَّ فِرْعَوْنَ لَعَالٍ فِي الْأَرْضِ ۚ وَإِنَّهُ لَمِنَ الْمُسْرِفِيْنَ ﴿٨٣﴾

ني انهيءَ تي ايمان آندو باقي ماڻهن فرعون (جي ڊپ کان) ۽ پنهن جي قوم جي وڏن ماڻهن جي خوف کان تہ هو ڪين کنهن مصيبت ۾ (نہ) وجهي ڇڏي موسيٰ جي فرمانبرداري (اختيار) نہ ڪيائون ۽ فرعون يقينن ڏاڍ ڪرڻ وارو ۽ حد کان وڌي وڃڻ وارن مان هو.

وَقَالَ مُوْسٰى يٰقَوْمِ إِنْ كُنْتُمْ اٰمَنْتُمْ بِاللّٰهِ فَعَلَيْهِ تَوَكَّلُوْٓا إِنْ كُنْتُمْ مُّسْلِمِيْنَ ﴿٨٥﴾

٨٥ـ ۽ موسيٰ (پنهن جي قوم کي) چيو (تہ) اي منهن جي قوم! جيڪڏهن هي ڳالهہ (صحيح) آهي تہ توهان الله تي ايمان آندو آهي تہ جيڪڏهن (انهيءَ سان گڏ) توهان (انهيءَ جا) سچا فرمانبردار (بہ) آهيو تہ انهيءَ تي ڀروسو ڪيو.

فَقَالُوْا عَلَى اللّٰهِ تَوَكَّلْنَا ۚ رَبَّنَا لَا تَجْعَلْنَا فِتْنَةً لِّلْقَوْمِ الظّٰلِمِيْنَ ﴿٨٦﴾

٨٦ـ انهيءَ تي انهن چيو (تہ) اسان الله تي ڀروسو رکون ٿا. اي اسان جا رب! اسانکي (انهن) ظالم ماڻهن لاءِ فتني (جو سبب) نہ بناءِ.

وَنَجِّنَا بِرَحْمَتِكَ مِنَ الْقَوْمِ الْكٰفِرِيْنَ ﴿٨٧﴾

٨٧ـ ۽ پنهن جي رحمت سان اسانکي ڪافر ماڻهن (جي ظلم) کان بچاءِ.

وَأَوْحَيْنَآ إِلٰى مُوْسٰى وَأَخِيْهِ أَنْ تَبَوَّاٰ لِقَوْمِكُمَا بِمِصْرَ بُيُوْتًا وَّاجْعَلُوْا بُيُوْتَكُمْ قِبْلَةً وَّأَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ ۗ وَبَشِّرِ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿٨٧﴾

٨٨ـ ۽ اسان موسيٰ ۽ انهن جي ڀاءُ ڏانهن وحي موڪليو تہ توهان مصر ۾ ڪن (گهرن) جي (جڳهہ) کي پنهن جي قوم جي (رهڻ جي) لاءِ مخصوص ڪري ڇڏيو. ۽ توهان سڀ ماڻهو پنهنجا (پنهنجا) گهر آمهون سامهون ٺاهيو ۽ (انهن ۾) سهڻي نموني نماز ادا (ڪندا) ڪيو ۽ (هيءَ وحي بہ ڪيو تہ اي موسيٰ!) تون مومنن کي (ڪاميابيءَ جي) خوشخبري ڏي.

وَقَالَ مُوْسٰى رَبَّنَآ إِنَّكَ اٰتَيْتَ فِرْعَوْنَ وَمَلَاَهٗ

٨٩ـ ۽ موسيٰ چيو (تہ) اي اسان جا رب! تون فرعون (کي) ۽ انهيءَ جي قوم جي وڏن

زِيْنَةً وَّ اَمْوَالًا فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ۙ رَبَّنَا لِيُضِلُّوْا
عَنْ سَبِيْلِكَ ۚ رَبَّنَا اطْمِسْ عَلٰٓى اَمْوَالِهِمْ وَ اشْدُدْ
عَلٰى قُلُوْبِهِمْ فَلَا يُؤْمِنُوْا حَتّٰى يَرَوُا الْعَذَابَ الْاَلِيْمَ ﴿٨٨﴾

ماڻهن کي(هن ) دنيوي زندگي ۾ زينت (جا سامان) ۽ مال ڏني ڇڏيا آهن پر اي اسان جا رب! نتيجو هي نڪري رهيو آهي تہ اهي تنهن جي رستي کان (ماڻهن کي) گمراهہ ڪري رهيا آهن. پوءِ اي اسانجا رب! انهن جي مالن کي برباد ڪري ڇڏ ۽ انهن جي دلين تي بہ سزا نازل ڪر پوءِ جنهن جو هي نتيجو نڪري تہ جيستائين اهي دردناڪ عذاب نہ ڏسن ايمان نہ آڻين.

قَالَ قَدْ اُجِيْبَتْ دَّعْوَتُكُمَا فَاسْتَقِيْمَا وَلَا تَتَّبِعٰٓنِّ
سَبِيْلَ الَّذِيْنَ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿٨٩﴾

٩٠- (انهيءَ تي الله) فرمايو توهان جي دعا قبول ڪئي وئي. پوءِ توهان ٻئي ثابت قدمي ڏيکاريو ۽ جيڪي ماڻهو علم نٿا رکن انهنجي راهہ جي پيروي هرگز نہ ڪيو.

وَجٰوَزْنَا بِبَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ الْبَحْرَ فَاَتْبَعَهُمْ فِرْعَوْنُ
وَجُنُوْدُهٗ بَغْيًا وَّعَدْوًا ۭ حَتّٰٓى اِذَآ اَدْرَكَهُ الْغَرَقُ ۙ قَالَ
اٰمَنْتُ اَنَّهٗ لَآ اِلٰهَ اِلَّا الَّذِيْٓ اٰمَنَتْ بِهٖ بَنُوْٓا اِسْرَآءِيْلَ
وَاَنَا مِنَ الْمُسْلِمِيْنَ ﴿٩٠﴾

٩١- ۽ اسان بني اسرائيل کي سمنڊ مان (پار) لنگهايو تہ فرعون ۽ ان جي فوجن ڏاڍ ۽ ظلم (جي راهہ) سان انهن جو پيڇو ڪيو. ايستائين جو جڏهن غرق ٿيڻ واري آفت انهيءَ کي (۽ ان جي فوج کي) اچي پڪڙيو تہ انهيءَ چيو تہ مان ايمان آڻيان ٿو تہ جنهن (مقتدر هستيءَ) تي بني اسرائيل ايمان آندو آهي انهيءَ کان سواءِ ڪوبہ معبود ڪونهي ۽ مان (سچي) فرمانبرداري اختيار ڪرڻ وارن مان (ٿيان) ٿو.

آٰلْئٰنَ وَقَدْ عَصَيْتَ قَبْلُ وَكُنْتَ مِنَ الْمُفْسِدِيْنَ ﴿٩١﴾

٩٢- (اسان چيو) ڇا (تون) هاڻي (ايمان آڻين ٿو) حالانڪ پهرئين تو نافرماني ڪئي ۽ فسادين مان هئين.

فَالْيَوْمَ نُنَجِّيْكَ بِبَدَنِكَ لِتَكُوْنَ لِمَنْ خَلْفَكَ اٰيَةً ۭ
وَاِنَّ كَثِيْرًا مِّنَ النَّاسِ عَنْ اٰيٰتِنَا لَغٰفِلُوْنَ ﴿٩٢﴾ ع ٩

٩٣- پوءِ هاڻي اسان تنهن جي جسم (جي بقا) جي ذريعي توکي (ٿوري) نجات ڏيون ٿا انهيءَ لاءِ تہ جيڪي ماڻهو توکان پوءِ اچڻ وارا آهن انهن لاءِ تون هڪ نشان هجين ۽

ماڻهن مان گهڻا ماڻهو اسان جي نشانين کان بنان شڪ جي بي خبر آهن.

وَلَقَدْ بَوَّاْنَا بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ مُبَوَّاَ صِدْقٍ وَّرَزَقْنٰهُمْ مِّنَ الطَّيِّبٰتِ ۚ فَمَا اخْتَلَفُوْا حَتّٰى جَآءَهُمُ الْعِلْمُ ۗ اِنَّ رَبَّكَ يَقْضِيْ بَيْنَهُمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ فِيْمَا كَانُوْا فِيْهِ يَخْتَلِفُوْنَ ﴿٩٣﴾

٩٣- ۽ اسان بنان شڪ ۽ شبهي جي بني اسرائيل کي ظاهري ۽ باطني (هر قسم جي) خوبيءَ واري جڳهه ڏني هئي ۽ (هر قسم جون) چونڊيل شيون (بہ) انهنکي ڏنيون هيون. پوءِ انهيءَ وقت تائين جو انهن وٽ صحيح علم اچي ويو. انهن (ڪنهن ڳالهه ۾) اختلاف نہ ڪيو تنهن جو رب انهن جي وچ ۾ انهيءَ ڳالهه جي باري ۾ جنهن ۾ هاڻي هو اختلاف ڪري رهيا آهن. يقينن قيامت جي ڏينهن فيصلو ڪندو.

فَاِنْ كُنْتَ فِيْ شَكٍّ مِّمَّآ اَنْزَلْنَآ اِلَيْكَ فَسْـَٔلِ الَّذِيْنَ يَقْرَءُوْنَ الْكِتٰبَ مِنْ قَبْلِكَ ۚ لَقَدْ جَآءَكَ الْحَقُّ مِنْ رَّبِّكَ فَلَا تَكُوْنَنَّ مِنَ الْمُمْتَرِيْنَ ﴿٩٥﴾

٩٥- پوءِ جيڪڏهن تون (اي قرآن جي پڙهڻ وارا) هن (ڪلام) جي سببان جيڪو اسان تنهن جي طرف نازل ڪيو آهي. ڪنهن شڪ (۽ شبهي) ۾ (مبتلا) آهين تہ تون انهن ماڻهن کان جيڪي توکان پهرين هن ڪتاب کي پڙهي رهيا آهن پڇا ڪر (۽ توکي معلوم ٿيندو تہ) سواءِ شڪ ۽ شبهي جي (هڪ) ڪامل صداقت تنهن جي رب جي طرفان آئي آهي پوءِ تون شڪ ڪڻ وارن مان نہ بنج.

وَلَا تَكُوْنَنَّ مِنَ الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِ اللّٰهِ فَتَكُوْنَ مِنَ الْخٰسِرِيْنَ ﴿٩٦﴾

٩٦- ۽ تون انهن (ماڻهن) مان هرگز نہ بنج جن الله جي نشانن کي ڪوڙو ڪيو آهي. ٻي صورت ۾ تون نقصان پائڻ وارن مان ٿي ويندين.

اِنَّ الَّذِيْنَ حَقَّتْ عَلَيْهِمْ كَلِمَتُ رَبِّكَ لَا يُؤْمِنُوْنَ ﴿٩٧﴾

٩٧- جن ماڻهن جي متعلق تنهن جي رب (جي طرفان تباهي) جي خبر اچي چڪي آهي اهي هرگز ايمان نہ آڻيندا.

وَلَوْ جَآءَتْهُمْ كُلُّ اٰيَةٍ حَتّٰى يَرَوُا الْعَذَابَ

٩٨- ۽ جيڪڏهن انهن وٽ هر قسم جا نشان بہ اچي وڃن تڏهن بہ اهي انهيءَ وقت تائين

الْأَلِيمَ ﴿٩٨﴾

ايمان نہ آڻيندا جيستائين دردناڪ عذاب نہ ڏسن.

فَلَوْلَا كَانَتْ قَرْيَةٌ آمَنَتْ فَنَفَعَهَا إِيمَانُهَا إِلَّا قَوْمَ
يُونُسَ لَمَّا آمَنُوا كَشَفْنَا عَنْهُمْ عَذَابَ الْخِزْيِ فِي
الْحَيَاةِ الدُّنْيَا وَمَتَّعْنَاهُمْ إِلَىٰ حِينٍ ﴿٩٩﴾

٩٩. ۽ ڇو يونس جي قوم کان سواءِ (ٻي اهڙي) بستي نہ ٿي جيڪا (سچيئي) ايمان آڻي ها ۽ انهيءَ جو ايمان آڻڻ انهيءَ کي نفع ڏئي ها. جڏهن انهن (يعني يونس جي قوم جي ماڻهن) ايمان آندو تہ اسان انهن (تان) هن دنيوي زندگي ۾ (بہ) خواريءَ جو عذاب دور ڪري ڇڏيو ۽ انهنکي هڪ وقت تائين (هر طرح جو) سامان عطا ڪيو.

وَلَوْ شَاءَ رَبُّكَ لَآمَنَ مَنْ فِي الْأَرْضِ كُلُّهُمْ جَمِيعًا ۚ
أَفَأَنْتَ تُكْرِهُ النَّاسَ حَتَّىٰ يَكُونُوا مُؤْمِنِينَ ﴿١٠٠﴾

١٠٠. ۽ جيڪڏهن الله (هدايت جي معاملي ۾) پنهنجي (ٿي) مرضيءَ کي جاري ڪري ها تہ (جيتري قدر) ماڻهو زمين تي موجود آهن اهي سڀيئي ايمان آڻين ها (پوءِ جڏهن خدا بہ مجبور نہ ٿو ڪري) تہ ڇا تون ماڻهن کي (ايترو) مجبور ڪندين جو اهي مومن بڻجي وڃن.

وَمَا كَانَ لِنَفْسٍ أَنْ تُؤْمِنَ إِلَّا بِإِذْنِ اللَّهِ ۚ وَيَجْعَلُ
الرِّجْسَ عَلَى الَّذِينَ لَا يَعْقِلُونَ ﴿١٠١﴾

١٠١. ۽ الله جي ڏنل حڪم کان سواءِ ڪنهن شخص جي اختيار ۾ ڪونهي تہ اهو ايمان آڻي ۽ اهو پنهنجو غضب انهن ماڻهن تي (نازل ڪريٿو) جيڪي عقل رکندي انهيءَ کان ڪم نہ ٿا وٺن.

قُلِ انْظُرُوا مَاذَا فِي السَّمَاوَاتِ وَالْأَرْضِ ۚ وَمَا تُغْنِي
الْآيَاتُ وَالنُّذُرُ عَنْ قَوْمٍ لَا يُؤْمِنُونَ ﴿١٠٢﴾

١٠٢. تون (انهنکي) چؤ (تہ) ڏسو (تہ) آسمانن ۽ زمين ۾ ڇا (ٿي رهيو) آهي ۽ ڪنهن قسم جا نشان (بہ) خواهہ امن جا هجن خواهہ ڏيچارڻ واريون خبرون انهن ماڻهن کي فائدو نہ ٿيون ڏين جيڪي ايمان نہ آڻڻ تي ضد ڪندا هجن.

فَهَلْ يَنْتَظِرُونَ إِلَّا مِثْلَ أَيَّامِ الَّذِينَ خَلَوْا مِنْ

١٠٣. پوءِ ڇا جيڪي ماڻهو انهن کان پهرين گذري چڪا آهن اهي انهن جي ڏينهن وانگر

قَبْلِهِمْ ؕ قُلْ فَانْتَظِرُوْٓا اِنِّیْ مَعَكُمْ مِّنَ الْمُنْتَظِرِيْنَ ۝١٠٢

ڏينهن کانسواءِ ڪنهن ٻئي شيءِ جو انتظار ڪري رهيا آهن؟ انهن کي چؤ (تہ) چڱو (جيڪڏهن اهو ئي نمونو ڏسڻو آهي تہ) پوءِ توهان (ماٺهو ڪجهہ) انتظار ڪيو. مان (بہ) يقينن توهان سان انتظار ڪرڻ وارن مان آهيان.

ثُمَّ نُنَجِّیْ رُسُلَنَا وَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا كَذٰلِكَ ۚ حَقًّا عَلَيْنَا نُنْجِ الْمُؤْمِنِيْنَ ۝١٠٣

ع ١١
١٥

١٠٤. ۽ (جڏهن اهو عذاب اچي ويندو تہ انهيءَ وقت) اسان پنهن جي رسولن کي ۽ جن ماڻهن انهن تي ايمان آندو آهي انهن سڀني کي بچائي وٺنداسين اهڙيءَ طرح اسان جي ذمي (خود پنهن جو قائم ڪيل) هڪ حق آهي تہ اسان مومنن کي بچائيندا آهيون.

قُلْ يٰۤاَيُّهَا النَّاسُ اِنْ كُنْتُمْ فِیْ شَكٍّ مِّنْ دِيْنِیْ فَلَاۤ اَعْبُدُ الَّذِيْنَ تَعْبُدُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ وَ لٰكِنْ اَعْبُدُ اللّٰهَ الَّذِیْ يَتَوَفّٰىكُمْ ۖۚ وَ اُمِرْتُ اَنْ اَكُوْنَ مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ ۝١٠٤

١٠٥. تون چؤ تہ اي انسانو! جيڪڏهن توهان منهن جي دين جي متعلق ڪنهن قسم جي شڪ (۽ شبهہ ۾) آهيو تہ (ٻڌي وٺو) الله ڪانسواءِ جن (معبودن) جي توهان پوڄا ڪيو ٿا مان انهن جي پوڄا نہ ٿو ڪريان پر مان الله جي پوڄا ڪريان ٿو جيڪو توهان کي وفات ڏيندو ۽ مونکي حڪم ڏنو ويو آهي تہ مان ايمان آڻڻ وارن مان بڻجان.

وَ اَنْ اَقِمْ وَجْهَكَ لِلدِّيْنِ حَنِيْفًا ۚ وَ لَا تَكُوْنَنَّ مِنَ الْمُشْرِكِيْنَ ۝١٠٥

١٠٦. ۽ (انهيءَ فرمان جي سڃاڻڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي) تہ (اي مخاطب!) تون هر ڪنهن ڏنگ کان پاڪ هوندي پنهن جي توجہ کي هميشہ جي واسطي دين جي لاءِ (وقف) ڪري ڇڏ ۽ تون مشرڪن مان هرگز نہ بڻج.

وَ لَا تَدْعُ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ مَا لَا يَنْفَعُكَ وَ لَا يَضُرُّكَ ۚ فَاِنْ فَعَلْتَ فَاِنَّكَ اِذًا مِّنَ الظّٰلِمِيْنَ ۝١٠٦

١٠٧. ۽ تون الله کان سواءِ (ڪنهن شيءِ) کي جيڪا توکي نہ (ڪو) نفعو پهچائي ٿي ۽ نہ (ڪو) نقصان پهچائي ٿي نہ سڏ ـ ۽ جيڪڏهن تو (ائين) ڪيو تہ اهڙيءَ صورت

۽ تون يقينن ظالمن ۾ شمار ٿيندين.

وَاِنْ يَّمْسَسْكَ اللّٰهُ بِضُرٍّ فَلَا كَاشِفَ لَهٗٓ اِلَّا هُوَ ۚ وَاِنْ يُّرِدْكَ بِخَيْرٍ فَلَا رَآدَّ لِفَضْلِهٖ ۗ يُصِيْبُ بِهٖ مَنْ يَّشَآءُ مِنْ عِبَادِهٖ ۗ وَهُوَ الْغَفُوْرُ الرَّحِيْمُ ﴿١٠٧﴾

١٠٨. ۽ جيڪڏهن الله توکي ڪا تڪليف پهچائي تہ انهي کان سواءِ ڪوبہ انهيءَ کي ٽارڻ وارو نہ ٿو (ٿي سگهي) ۽ جيڪڏهن اهو تنهن جي لاءِ ڪا بهتري چاهي تہ انهيءَ جي فضل کي روڪڻ وارو (بہ هرگز) ڪو نٿو (ٿي سگهي) اهو پنهن جن بندن مان جنهن کي پسند ڪري ٿو انهيءَ کي (پنهن جو فضل) پهچائي ڇڏي ٿو ۽ اهو گهڻو ئي بخشڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي.

قُلْ يٰٓاَيُّهَا النَّاسُ قَدْ جَآءَكُمُ الْحَقُّ مِنْ رَّبِّكُمْ ۚ فَمَنِ اهْتَدٰى فَاِنَّمَا يَهْتَدِيْ لِنَفْسِهٖ ۚ وَمَنْ ضَلَّ فَاِنَّمَا يَضِلُّ عَلَيْهَا ۚ وَمَآ اَنَا عَلَيْكُمْ بِوَكِيْلٍ ﴿١٠٨﴾

١٠٩. تون (انهنکي) چؤ (تہ) اي انسانو ! توهان وٽ توهان جي رب جي طرفان حق اچي ويو آهي پوءِ (هاڻي) جيڪو بہ (انهيءَ جي بدايل) هدايت کي اختيار ڪري تہ اهو پنهن جي جان ئي (جي فائدي) جي لاءِ هدايت کي اختيار ڪريٿو. ۽ جيڪو انهيءَ جي راهہ کان ڀٽڪي وڃي تہ انهيءَ جو ڀٽڪڻ (بہ) انهيءَ جي جان تي ئي (هڪ وبال) ٿيندو ۽ مان توهان جو ڪو ذميوار نہ آهيان.

وَاتَّبِعْ مَا يُوْحٰٓى اِلَيْكَ وَاصْبِرْ حَتّٰى يَحْكُمَ اللّٰهُ ۚ وَهُوَ خَيْرُ الْحٰكِمِيْنَ ﴿١٠٩﴾ ع ١١

١١٠. ۽ جيڪي بہ تنهن جي طرف وحي ڪئي وڃي ٿي تون انهيءَ جي پيروي ڪر ۽ صبر کان ڪم وٺ ايستائين جو الله فيصلو جاري ڪري ڇڏي ۽ اهو سڀني فيصلي ڪرڻ وارن کان بهتر فيصلي ڪرڻ وارو آهي.

## سُوْرَةُ هُوْدٍ مَّكِّيَّةٌ وَّهِيَ مَعَ الْبَسْمَلَةِ مِائَةٌ وَّاَرْبَعٌ وَّعِشْرُوْنَ اٰيَةً وَّعَشْرَةُ رُكُوْعَاتٍ

هي سورت مڪي آهي ۽ بسم الله سميت هن جون هڪ سو چوويهه ١٢٤ آيتون ۽ ڏهه رڪوع آهن.

---

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ①

١. (مان) الله جو نالو وٺي جيڪو بيحد ڪرم ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي (پڙهانئو)

الٓرٰ ۟ كِتٰبٌ اُحْكِمَتْ اٰيٰتُهٗ ثُمَّ فُصِّلَتْ مِنْ لَّدُنْ
حَكِيْمٍ خَبِيْرٍ ②

٢. مان الله ڏسڻ وارو آهيان (هي) اهڙو ڪتاب آهي جو هن جي آيتن کي محڪم ڪيو ويو آهي ۽ پڻ انهن کي کولي بيان ڪيو ويو آهي (۽ هي) حڪمت واري ۽ ڄاڻنهار (هستيء) جي طرفان آهي.

اَلَّا تَعْبُدُوْٓا اِلَّا اللّٰهَ ۭ اِنَّنِيْ لَكُمْ مِّنْهُ نَذِيْرٌ وَّبَشِيْرٌ ③
وَّاَنِ اسْتَغْفِرُوْا رَبَّكُمْ ثُمَّ تُوْبُوْٓا اِلَيْهِ يُمَتِّعْكُمْ
مَّتَاعًا حَسَنًا اِلٰٓى اَجَلٍ مُّسَمًّى وَّيُؤْتِ كُلَّ ذِيْ فَضْلٍ
فَضْلَهٗ ۭ وَاِنْ تَوَلَّوْا فَاِنِّىْٓ اَخَافُ عَلَيْكُمْ عَذَابَ
يَوْمٍ كَبِيْرٍ ④

٣. ٤.(۽) انهيء تعليم تي مشتمل آهي ته توهان الله کان سواء (ڪنهن) جي عبادت نه ڪيو ۽ اهو ته توهان پنهن جي رب کان بخشش گهرو ۽ انهيء ڏانهن (سچيء طرح) موٽو (تڏهن)هو توهان کي هڪ مقرر ميعاد تائين چڱيء طرح سان سامان عطا ڪندو ۽ پڻ هر هڪ فضيلت واري (شخص) کي پنهنجو فضل عطا ڪندو ۽ جيڪڏهن توهان ڦري ويندو ته مان يقينن توهان تي هڪ وڏي (هيبت ناڪ) ڏينهن جي عذاب (جي اچڻ) کان ڊڄانئو. چو جو مان خدا جي طرفان بنا شڪ ۽ شبهي جي توهان لاء هوشيار ڪرڻ وارو ۽ اهم خبرون ڏيڻ وارو (بنائي موڪليو ويو) آهيان.

اِلَى اللّٰهِ مَرْجِعُكُمْ ۚ وَهُوَ عَلٰي كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ⑤

٥. الله ڏانهن توهان (سڀني) کي واپس موٽڻو آهي ۽ اهو هر شئي تي ڪامل طور تي

جنهن وقت اهو انهن تي ايندو تہ انهن کان هٽايو نہ ويندو ۽ جنهن عذاب تي اهي کلون ڪندا هئا اهو انهنکي گهيري وٺندو.

وَ لَئِنْ اَذَقْنَا الْاِنْسَانَ مِنَّا رَحْمَةً ثُمَّ نَزَعْنٰهَا مِنْهُ ۚ اِنَّهٗ لَيَئُوْسٌ كَفُوْرٌ ﴿١٠﴾

١٠۔ ۽ جيڪڏهن اسان انسان کي پنهن جي طرفان (ڪنهن قسم جي) رحمت (جو مزو) چکايون (۽) پوءِ اسان انهيءَ کي هن کان هٽايون تہ هو ڏاڍو نا اميد (۽) احسان جو منڪر ٿي وڃي ٿو.

وَ لَئِنْ اَذَقْنٰهُ نَعْمَآءَ بَعْدَ ضَرَّآءَ مَسَّتْهُ لَيَقُوْلَنَّ ذَهَبَ السَّيِّاٰتُ عَنِّيْ ۭ اِنَّهٗ لَفَرِحٌ فَخُوْرٌ ﴿١١﴾ اِلَّا الَّذِيْنَ صَبَرُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ ۭ اُولٰۗىِٕكَ لَهُمْ مَّغْفِرَةٌ وَّاَجْرٌ كَبِيْرٌ ﴿١٢﴾

١١۔١٢۔۽ جيڪڏهن اسان ڪنهن مصيبت کانپوءِ جيڪا انهيءَ کي پهتي هجي انهيءَ کي ڪنهن (وڏي) نعمت (جو مزو) چکايون تہ سواءِ انهن ماڻهن جي جيڪي صبر اختيار ڪن ۽ نيڪ عمل ڪن اهو چوڻ لڳي ٿو تہ (هاڻي) منهن جون (سڀ) تڪليفون مون کان دور ٿي ويون آهن. يقينن هو ڏاڍو هنيلو (۽) ڏاڍو فخر ڪرڻ وارو آهي.

اهي (ٿي صابر ماڻهو) آهن جن جيلاءِ بخشش ۽ (تمام) وڏو اجر (مقدر) آهي.

فَلَعَلَّكَ تَارِكٌۢ بَعْضَ مَا يُوْحٰٓى اِلَيْكَ وَضَاۗىِٕقٌۢ بِهٖ صَدْرُكَ اَنْ يَّقُوْلُوْا لَوْلَآ اُنْزِلَ عَلَيْهِ كَنْزٌ اَوْ جَاۗءَ مَعَهٗ مَلَكٌ ۭ اِنَّمَآ اَنْتَ نَذِيْرٌ ۭ وَاللّٰهُ عَلٰي كُلِّ شَيْءٍ وَّكِيْلٌ ﴿١٣﴾

١٣۔ پوءِ شايد (ڪافر توکان اها اميد رکن ٿا تہ) تون هن (ڪلام) جو جيڪو توتي وحي ڪيو وڃي ٿو ڪجهہ حصو (ماڻهن کي پهچائڻ جي بدران ڇڏي ڏيڻ تي تيار ٿي وڃين.(پر ائين ڪڏهن نہ ٿو ٿي سگهي) ۽ (اهي اها بہ اميد ڪري رهيا آهن تہ) انهن جي انهيءَ اعتراض جي ڪري تہ هن تي ڇو نہ ڪو خزانو لٿو يا هن تي ڪو فرشتو نہ آيو تنهن جي دل تنگ ٿي وڃي. تون فقط (هوشيار ۽) خبردار ڪرڻ وارو آهين ۽ الله هر شيءِ جو سنڀاليندڙ آهي.

اَمْ يَقُوْلُوْنَ افْتَرٰىهُ ۭ قُلْ فَاْتُوْا بِعَشْرِ سُوَرٍ مِّثْلِهٖ

١٤۔ ڇا اهي چون ٿا (تہ) هن انهيءَ ڪتاب

مُفْتَرَيٰتٍ وَّادْعُوْا مَنِ اسْتَطَعْتُمْ مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿١٤﴾

کي پاڻ ٺاهيو آهي. تون (انهنکي) چئو جيڪڏهن توهان (انهيءَ بيان ۾) سچا آهيو ته توهان به انهيءَ جهڙيون ڏهه سورتون پاڻ ٺاهي آڻيو ۽ الله کانسواءِ جنهن (کي به پنهن جي مدد آڻڻ) جي توهان کي طاقت هجي ان کي سڏايو.

فَاِلَّمْ يَسْتَجِيْبُوْا لَكُمْ فَاعْلَمُوْٓا اَنَّمَآ اُنْزِلَ بِعِلْمِ اللّٰهِ وَاَنْ لَّآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۚ فَهَلْ اَنْتُمْ مُّسْلِمُوْنَ ﴿١٥﴾

١٥- پوءِ جيڪڏهن اهي تنهن جي (اها) ڳالهه قبول نه ڪن. ته سمجهه ته جيڪو (ڪلام) توتي لاٿو ويو آهي الله جي (خاص) علم تي مشتمل آهي ۽ اهو ته انهيءَ کانسواءِ ڪابه (هستي) عبادت جي لائق نه آهي - پوءِ ڇا توهان ڪامل فرمانبردار بنبا (يا نه)؟

مَنْ كَانَ يُرِيْدُ الْحَيٰوةَ الدُّنْيَا وَزِيْنَتَهَا نُوَفِّ اِلَيْهِمْ اَعْمَالَهُمْ فِيْهَا وَهُمْ فِيْهَا لَا يُبْخَسُوْنَ ﴿١٦﴾

١٦- جيڪي (ماڻهو هن) دنيوي زندگيءَ (جي سامان) ۽ انهيءَ جي زينت کي (پنهن جي) مراد بنائيندا انهنکي اسان سندن عملن (جا نتيجا) هن ئي (زندگيءَ) ۾ پورا پورا ڏيئي ڇڏينداسين ۽ انهنکي انهيءَ ۾ گهٽ نه ڏنو ويندو.

اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ لَيْسَ لَهُمْ فِي الْاٰخِرَةِ اِلَّا النَّارُ ۖ وَحَبِطَ مَا صَنَعُوْا فِيْهَا وَبٰطِلٌ مَّا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿١٧﴾

١٧- اِهي ئي اُهي (ماڻهو) آهن جن لاءِ آخرت ۾ (دوزخ جي) باهه کانسواءِ (ٻيو) ڪجهه نه هوندو ۽ جيڪي به انهن هن (دنيوي زندگيءَ) واسطي ڪيو هوندو سو انهيءَ ۾ بلڪل بيڪار ٿي ويندو ۽ جيڪي به اهي ڪري رهيا هوندا سو تباهه ٿي ويندو.

اَفَمَنْ كَانَ عَلٰى بَيِّنَةٍ مِّنْ رَّبِّهٖ وَيَتْلُوْهُ شَاهِدٌ مِّنْهُ وَمِنْ قَبْلِهٖ كِتٰبُ مُوْسٰٓى اِمَامًا وَّرَحْمَةً ۭ اُولٰٓئِكَ يُؤْمِنُوْنَ بِهٖ ۭ وَمَنْ يَّكْفُرْ بِهٖ مِنَ الْاَحْزَابِ فَالنَّارُ مَوْعِدُهٗ ۚ فَلَا تَكُ فِيْ

١٨- پوءِ ڇا اهو (شخص) جيڪو پنهن جي رب جي طرفان هڪ روشن دليل تي (قائم) آهي ۽ جنهن جي پويان به هن جي طرفان هڪ شاهد ايندو (جيڪو سندس فرمانبردار هوندو) ۽ هن کان پهرئين به موسيٰ جو

مِرْيَةٍ مِّنْهُ ۚ إِنَّهُ الْحَقُّ مِن رَّبِّكَ وَلَٰكِنَّ
أَكْثَرَ النَّاسِ لَا يُؤْمِنُونَ ﴿١٨﴾

ڪتاب (اڃي چڪو) آهي (جيڪو هن جي تائيد ڪري رهيو هو ۽) جيڪو (انهيءَ جي ڪلام کان پهريائين) ماڻهن لاءِ امام ۽ رحمت هو (هڪ ڪوڙي مدعي جهڙو ٿي سگهي ٿو) اهي (يعني موسيٰ جا سچا پوئلڳ) انهيءَ تي (هڪ ڏينهن ضرور) ايمان آڻيندا ۽ انهن مخالف گروهن مان جيڪو انڪار ڪندو رهندو، دوزخ انهيءَ جو واعدو ڪيل ٺڪاڻو آهي. پوءِ (اي مخاطب!) تون انهيءَ جي متعلق ڪنهن (قسم جي) شڪ ۾ نہ پئو. اهو يقينن حق آهي (۽) تنهن جي رب جي طرف کان (آهي) پر اڪثر ماڻهو ايمان نہ ٿا آڻين.

وَمَنْ أَظْلَمُ مِمَّنِ افْتَرَىٰ عَلَى اللَّهِ كَذِبًا ۚ أُولَٰئِكَ
يُعْرَضُونَ عَلَىٰ رَبِّهِمْ وَيَقُولُ الْأَشْهَادُ هَٰؤُلَاءِ
الَّذِينَ كَذَبُوا عَلَىٰ رَبِّهِمْ ۚ أَلَا لَعْنَةُ اللَّهِ عَلَى
الظَّالِمِينَ ﴿١٩﴾

١٩۔ ۽ انهيءَ کان وڌيڪ ڪير ظالم (ٿي سگهي) ٿو جيڪو الله تي ڪوڙ هڻي اهڙا ماڻهو پنهنجي رب جي سامهون پيش، ڪيا ويندا ۽ سڀ شاهد چوندا (تہ) هي اهي ماڻهو آهن جن پنهنجي رب تي ڪوڙ هنيو. ٻڌو! انهن ظالمن تي الله جي لعنت آهي.

الَّذِينَ يَصُدُّونَ عَن سَبِيلِ اللَّهِ وَيَبْغُونَهَا عِوَجًا
وَهُم بِالْآخِرَةِ هُمْ كَافِرُونَ ﴿٢٠﴾

٢٠۔ (اهي اهي ماڻهو آهن) جيڪي الله (جي طرف پهچڻ) جي راهہ کان (ماڻهن کي) روڪين ٿا ۽ انهيءَ ۾ ڏنگ پيدا ڪرڻ چاهين ٿا ۽ اهي ئي ماڻهو پوءِ اچڻ واري (گهڙيءَ) جا (سڀ کان وڏا) مرڪز آهن.

أُولَٰئِكَ لَمْ يَكُونُوا مُعْجِزِينَ فِي الْأَرْضِ وَمَا كَانَ
لَهُم مِّن دُونِ اللَّهِ مِنْ أَوْلِيَاءَ ۘ يُضَاعَفُ لَهُمُ
الْعَذَابُ ۚ مَا كَانُوا يَسْتَطِيعُونَ السَّمْعَ وَمَا كَانُوا
يُبْصِرُونَ ﴿٢١﴾

٢١۔ اهي (ماڻهو) ملڪ ۾ (الاهي سلسلن کي) ڪمزور نہ ٿا ڪري سگهن ۽ نہ (ئي) الله کي ڇڏي ڪري انهن جو ڪوبہ دوست هوندو آهي. انهنکي ٻيڻو عذاب ڏنو ويجي ٿو (دنيا ۾ بہ ۽ آخرت ۾ بہ) نہ اهي (ڪجهہ) ٻڌي سگهن ٿا ۽ نہ (ڪجهہ)

ڏسي سگهن ٿا.

أُولَٰئِكَ الَّذِينَ خَسِرُوا أَنفُسَهُمْ وَضَلَّ عَنْهُم مَّا كَانُوا يَفْتَرُونَ ﴿٢٢﴾

٢٢- اهي ئي (ماڻهو) آهن جن پنهن جي جان کي گهاٽي ۾ وڌو ۽ جنهن (مقصد) جي لاءِ اهي (الله تي) ڪوڙ هڻندا هئا اهو انهن (جي هٿان) ويندو رهندو.

لَا جَرَمَ أَنَّهُمْ فِي الْآخِرَةِ هُمُ الْأَخْسَرُونَ ﴿٢٣﴾

٢٣- هي يقيني (ڳالهہ) آهي تہ آخرت ۾ اهي ئي (سڀني کان) وڌيڪ گهاٽو پائڻ وارا هوندا.

إِنَّ الَّذِينَ آمَنُوا وَعَمِلُوا الصَّالِحَاتِ وَأَخْبَتُوا إِلَىٰ رَبِّهِمْ أُولَٰئِكَ أَصْحَابُ الْجَنَّةِ ۖ هُمْ فِيهَا خَالِدُونَ ﴿٢٤﴾

٢٤- جن ماڻهن ايمان آندو ۽ انهن نيڪ (۽ مناسب حال) عمل ڪيا ۽ پنهن جي رب جي طرف جهڪي پيا اهي لازمن بهشت (۾ رهڻ) وارا آهن اهي انهيءَ ۾ هميشه رهندا ايندا.

مَثَلُ الْفَرِيقَيْنِ كَالْأَعْمَىٰ وَالْأَصَمِّ وَالْبَصِيرِ وَالسَّمِيعِ ۚ هَلْ يَسْتَوِيَانِ مَثَلًا ۚ أَفَلَا تَذَكَّرُونَ ﴿٢٥﴾ ع

٢٥- انهن ٻنهي گروهن جي حالت هڪ انڌي ۽ اکين واري ۽ ٻوڙي ۽ چڱيءَ طرح ٻڌڻ واري جي (حالت) وانگر آهي. ڇا انهن (ٻنهي) جي حالت برابر ٿي سگهي ٿي؟ ڇا پوءِ (بہ) توهان نہ ٿا سمجهو.

وَلَقَدْ أَرْسَلْنَا نُوحًا إِلَىٰ قَوْمِهِ إِنِّي لَكُمْ نَذِيرٌ مُّبِينٌ ﴿٢٦﴾

٢٦- ۽ اسان نوح کي انهي جي قوم جي طرف (رسول بنائي) موڪليو هو (جنهن تي انهيءَ انهن کي چيو هو) تہ چڱيءَ طرح ٻڌي وٺو تہ مان توهان جي طرف کولي (کولي) آگاهہ (۽ هوشيار) ڪرڻ وارو (بنائي موڪليو ويو) آهيان

أَن لَّا تَعْبُدُوا إِلَّا اللَّهَ ۖ إِنِّي أَخَافُ عَلَيْكُمْ عَذَابَ يَوْمٍ أَلِيمٍ ﴿٢٧﴾

٢٧- (هن پيغام ساڻ) تہ توهان الله کان سواءِ (ڪنهن بہ هستيءَ) جي پوڄا نہ ڪيو. مان يقينن توهان تي هڪ (وڏي) تڪليف (ڏيڻ) واري ڏينهن جي عذاب (جي اچڻ) کان ڊڄانٿو.

فَقَالَ الْمَلَأُ الَّذِينَ كَفَرُوا مِن قَوْمِهِ مَا نَرَاكَ إِلَّا

٢٨- انهيءَ تي انهن وڏن ماڻهن جن انهيءَ جي قوم مان (انهيءَ جو) انڪار ڪيو هو

تَذَكَّرُوْنَ ﴿٣١﴾

الله جي طرفان (اچڻ واري سزا کان مون کي بچائڻ لاءِ) ڪير منهن جي مدد ڪندو. ڇا توهان (اجا بہ) نٿا سمجهو.

وَلَآ اَقُوْلُ لَكُمْ عِنْدِيْ خَزَآئِنُ اللّٰهِ وَلَآ اَعْلَمُ الْغَيْبَ وَلَآ اَقُوْلُ اِنِّيْ مَلَكٌ وَّلَآ اَقُوْلُ لِلَّذِيْنَ تَزْدَرِيْٓ اَعْيُنُكُمْ لَنْ يُّؤْتِيَهُمُ اللّٰهُ خَيْرًا ۭ اَللّٰهُ اَعْلَمُ بِمَا فِيْٓ اَنْفُسِهِمْ ښ اِنِّيْٓ اِذًا لَّمِنَ الظّٰلِمِيْنَ ﴿٣٢﴾

٣٢. ۽ مان توهان کي (هي) نٿو چوان (تہ) الله جا خزانہ مون وٽ آهن ۽ نہ اهو تہ مان غيب جو علم رکان ٿو ۽ نہ مان (اهو) چوان ٿو تہ مان فرشتو آهيان ۽ نہ مان انهن (ماڻهن) جي متعلق جن کي توهان جون اکيون حقارت جي نظر سان ڏسن ٿيون (اهو) چوان ٿو (تہ) الله انهنکي (ڪڏهن) ڪا ڀلائي نصيب نہ ڪندو. جيڪي ڪي انهن جي نفسن ۾ آهي انهي کي الله (ئي سڀ کان) بهتر ڄاڻي ٿو. جيڪڏهن مان توهان سان شامل راءِ ٿي وڃان تہ مان يقينن ظالمن ۾ شامل ٿي ويندس.

قَالُوْا يٰنُوْحُ قَدْ جٰدَلْتَنَا فَاَكْثَرْتَ جِدَالَنَا فَاْتِنَا بِمَا تَعِدُنَآ اِنْ كُنْتَ مِنَ الصّٰدِقِيْنَ ﴿٣٣﴾

٣٣. انهن چيو (تہ) اي نوح ! تون اسان سان بحث ڪري چڪو آهين بلڪ چڱيءَ طرح بحث ڪري چڪو آهين هاڻي اهو رهجي ويو آهي تہ جيڪڏهن تون سچارن مان آهين تہ جنهن (عذاب) کان تون اسان کي ڊيڄارين ٿو, اهو اسان تي آڻ.

قَالَ اِنَّمَا يَاْتِيْكُمْ بِهِ اللّٰهُ اِنْ شَآءَ وَمَآ اَنْتُمْ بِمُعْجِزِيْنَ ﴿٣٤﴾

٣٤. انهيءَ چيو الله ئي جيڪڏهن چاهيندو تہ انهيءَ کي آڻيندو ۽ توهان (انهيءَ کي انهيءَ جي آڻڻ لاءِ) هرگز عاجز ڪري نہ ٿا سگهو.

وَلَا يَنْفَعُكُمْ نُصْحِيْٓ اِنْ اَرَدْتُّ اَنْ اَنْصَحَ لَكُمْ اِنْ كَانَ اللّٰهُ يُرِيْدُ اَنْ يُّغْوِيَكُمْ ۭ هُوَ رَبُّكُمْ ۣ وَاِلَيْهِ تُرْجَعُوْنَ ﴿٣٥﴾

٣٥. ۽ جيڪڏهن مان ذاتي طرح سان خلوص (جو تعلق) رکڻ چاهيان (بہ) تہ منهنجو (توهان سان) خلوص رکڻ توهان کي (الله جي عذاب کان بچڻ جيلاءِ ڪوبہ) نفعو نہ پهچائيندو. جيڪڏهن الله (اهو) چاهيندو

هجي تہ توهان کي برباد ڪري تہ اهو توهان جو رب آهي ۽ انهيءَ جي طرف توهان موٽايا ويندؤ.

أَمْ يَقُولُونَ افْتَرٰىهُ ۗ قُلْ إِنِ افْتَرَيْتُهٗ فَعَلَيَّ إِجْرَامِيْ
وَأَنَا بَرِيْٓءٌ مِّمَّا تُجْرِمُوْنَ ۝٣٥ ع

٣٦. چا اهي چون ٿا (تہ) انهيءَ هن (عذاب جي واعدي) کي پنهنجي طرفان گهڙيو آهي. تون انهن کي چؤ جيڪڏهن مون انهيءَ کي پنهنجي طرفان گهڙيو آهي تہ منهن جو اهو خطرناڪ ڏوهہ (ضرور) مونتي (ئي بنبال بنجي) پوندو ۽ (توهان جي ڏوهن جو بنبال مون تي نہ ٿيندو ڇو جو) جيڪو خطرناڪ ڏوهہ توهان ڪيو ٿا انهيءَ ڪان مان بيزار آهيان.

وَأُوْحِيَ إِلٰى نُوْحٍ أَنَّهٗ لَنْ يُّؤْمِنَ مِنْ قَوْمِكَ إِلَّا
مَنْ قَدْ اٰمَنَ فَلَا تَبْتَئِسْ بِمَا كَانُوْا يَفْعَلُوْنَ ۝٣٦

٣٧. ۽ نوح جي طرف (هيءَ بہ) وحي ڪيو ويو هو تہ جيڪي (ماڻهو) ايمان آڻي چڪا آهن انهن کانسواءِ تنهن جي قوم مان (هاڻي) ڪو (بيو شخص توتي) هرگز ايمان نہ آڻيندو. تنهنڪري جيڪي (ڪي) اهي ڪري رهيا آهن انهيءَ جي سبب ڪري تون افسوس نہ ڪر.

وَاصْنَعِ الْفُلْكَ بِأَعْيُنِنَا وَوَحْيِنَا وَلَا تُخَاطِبْنِيْ فِي
الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا ۚ إِنَّهُمْ مُّغْرَقُوْنَ ۝٣٧

٣٨. ۽ تون اسان جي اکين جي (سامهون) ۽ اسان جي وحيءَ جي مطابق ٻيڙي ٺاهہ ۽ جن ماڻهن ظلم (جو طريقو اختيار) ڪيو آهي انهن جي متعلق مون سان (ڪابہ) ڳالهہ نہ ڪر اهي ضرور غرق ڪيا ويندا.

وَيَصْنَعُ الْفُلْكَ ۗ وَكُلَّمَا مَرَّ عَلَيْهِ مَلَأٌ مِّنْ قَوْمِهٖ
سَخِرُوْا مِنْهُ ۗ قَالَ إِنْ تَسْخَرُوْا مِنَّا فَإِنَّا نَسْخَرُ مِنْكُمْ
كَمَا تَسْخَرُوْنَ ۝٣٨

٣٩. ۽ اهو (يعني نوح) اسان جي حڪم جي مطابق ٻيڙي ٺاهيندو ٿي ويو ۽ جڏهن بہ انهيءَ جي قوم مان ڪا وڏن ماڻهن جي جماعت انهيءَ جي ڀرسان لنگهندي هئي تہ اها انهيءَ تي کلندي هئي (جنهن تي) انهيءَ (انهنکي) چيو (تہ) جيڪڏهن (اڄ) توهان

(ماٺهو) اسان تي کلو ٿا تہ (صبحاڻي)
اسان (بہ) توهان تي کلنداسين جيئن (اڄ)
توهان (اسان تي) کلو ٿا.

فَسَوْفَ تَعْلَمُوْنَ مَنْ يَّأْتِيْهِ عَذَابٌ يُّخْزِيْهِ وَ يَحِلُّ عَلَيْهِ عَذَابٌ مُّقِيْمٌ ۝٣٩

٤٠. پوءِ جلد توهان کي معلوم ٿي ويندو (تہ) اهو ڪهڙو (ٽولو) آهي جنهن تي عذاب اچي رهيو آهي جيڪو انهيءَ کي خوار ڪري ڇڏيندو ۽ جنهن تي مستقل عذاب نازل ٿي رهيو آهي.

حَتّٰٓى اِذَا جَآءَ اَمْرُنَا وَفَارَ التَّنُّوْرُ ۙ قُلْنَا احْمِلْ فِيْهَا مِنْ كُلٍّ زَوْجَيْنِ اثْنَيْنِ وَاَهْلَكَ اِلَّا مَنْ سَبَقَ عَلَيْهِ الْقَوْلُ وَمَنْ اٰمَنَ ۭ وَمَآ اٰمَنَ مَعَهٗٓ اِلَّا قَلِيْلٌ ۝٤٠

٤١. ايستائين جو جڏهن اسان جي (عذاب جو) حڪم اچي ويو ۽ چشما ڦاٽي وهي هلن (تہ) اسان چونداسين تہ هر هڪ (قسم جي جانورن) مان هڪ جوڙو يعني ٻہ (هم جنس فردن) کي ۽ پنهن جي اهل (۽ عيال) کي (بہ) سواءِ انهيءَ (فرد) جي جنهن (جي تباهيءَ) جي متعلق (هن عذاب جي اچڻ کان) پهرئين (ئي اسان جو آخري) فرمان جاري ٿي چڪو آهي ۽ پڻ انهنکي جن توتي ايمان آندو آهي انهيءَ ۾ سوار ڪراءِ ۽ انهيءَ تي سواءِ ٿورڙي تعداد جي ڪنهن ايمان نہ آندو هو.

وَقَالَ ارْكَبُوْا فِيْهَا بِسْمِ اللّٰهِ مَجْرٖىهَا وَمُرْسٰىهَا ۭ اِنَّ رَبِّيْ لَغَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ۝٤١

عند حفص بفتح الميم مع امالة الراء

٤٢. سو (جڏهن طوفان اچي ويو تہ) انهي (پنهن جي ساٿين کي) چيو (تہ) هن ۾ سوار ٿي وڃو ۽ انهيءَ جو هلڻ ۽ انهيءَ جو بيهارڻ الله جي نالي جي برڪت سان ٿي هوندو منهن جو رب يقيڻ گهڻو بخشڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي.

وَهِيَ تَجْرِيْ بِهِمْ فِيْ مَوْجٍ كَالْجِبَالِ ۣ وَنَادٰى نُوْحُ ۨابْنَهٗ وَكَانَ فِيْ مَعْزِلٍ يّٰبُنَيَّ ارْكَبْ مَّعَنَا وَلَا تَكُنْ مَّعَ الْكٰفِرِيْنَ ۝٤٢

٤٣. ۽ اها جبلن جهڙين (بلند) لهرن مان انهنکي وٺي وڃي رهي هئي ۽ (انهيءَ وچيم) نوح جڏهن پنهن جي پٽ کي جڏهن اهو (انهيءَ کان جدا) هڪ ٻئي طرف هليو ويو هو پڪاريو (تہ) اي منهنجا پٽ! اسان سان گڏ

سوار ٿي پنھ ۽ ڪافرن سان نہ ٿيءُ.

قَالَ سَاٰوِيْٓ اِلٰى جَبَلٍ يَّعْصِمُنِيْ مِنَ الْمَآءِ ۭ قَالَ لَا عَاصِمَ الْيَوْمَ مِنْ اَمْرِ اللّٰهِ اِلَّا مَنْ رَّحِمَ ۚ وَحَالَ بَيْنَهُمَا الْمَوْجُ فَكَانَ مِنَ الْمُغْرَقِيْنَ ۝

٤٤. انھيءَ چيو مان ھاڻي ڪنھن جبل تي وڃي ويھندس (۽ پناھ وٺندس) جيڪو انھيءَ پاڻيءَ کان مونکي بچائي وٺندو. انھيءَ چيو (تہ) الله جي (ھن عذاب جي) حڪم کان اڄ ڪوبہ (ڪنھن کي) بچائڻ وارو نٿو (ٿي سگھي) سواءِ انھيءَ جي جو جنھن تي اھو (خود) رحم ڪري. ۽ (انھيءَ وچ) پاڻيءَ جي لھر انھن ٻنھي جي وچ حائل ٿي ويئي ۽ اھو غرق ڪيلن ۾ شامل ٿي ويو.

وَقِيْلَ يٰٓاَرْضُ ابْلَعِيْ مَآءَكِ وَيٰسَمَآءُ اَقْلِعِيْ وَغِيْضَ الْمَآءُ وَقُضِيَ الْاَمْرُ وَاسْتَوَتْ عَلَى الْجُوْدِيِّ وَقِيْلَ بُعْدًا لِّلْقَوْمِ الظّٰلِمِيْنَ ۝ ع

٤٥. انھيءَ ڪانپوءِ (زمين کي ٻہ) چيو ويو (تہ) اي زمين تون (ھاڻي) پنھن جي پاڻيءَ کي ڇھي وڃ ۽ (آسمان کي ٻہ تہ) اي آسمان (ھاڻي) تون (وسڻ کان) بس ڪر ۽ پاڻيءَ کي جذب ڪيو ويو ۽ (اھو) معاملو ختم ڪيو ويو. ۽ اھا ٻيڙي جودي تي (وڃي) بيھي رھي ۽ چيو ويو تہ (اي عذاب جا فرشتو!) ظالم ماڻھن لاءِ تباھي (مقدر) ڪري ڇڏيو.

وَنَادٰى نُوْحٌ رَّبَّهٗ فَقَالَ رَبِّ اِنَّ ابْنِيْ مِنْ اَهْلِيْ وَاِنَّ وَعْدَكَ الْحَقُّ وَاَنْتَ اَحْكَمُ الْحٰكِمِيْنَ ۝

٤٦. ۽ نوح پنھن جي رب کي پڪاريو ۽ چيو اي منھن جا رب! منھنجو پٽ يقينن منھن جي اھل مان آھي ۽ تنھن جو واعدو (بہ) نهايت سچو آھي ۽ تون سڀني فيصلي ڪرڻ وارن کان وڌيڪ (بھتر ۽ صحيح) فيصلو ڪرڻ وارو آھين.

قَالَ يٰنُوْحُ اِنَّهٗ لَيْسَ مِنْ اَهْلِكَ ۚ اِنَّهٗ عَمَلٌ غَيْرُ صَالِحٍ ڶ فَلَا تَسْـَٔلْنِ مَا لَيْسَ لَكَ بِهٖ عِلْمٌ ۭ اِنِّيْٓ اَعِظُكَ اَنْ تَكُوْنَ مِنَ الْجٰهِلِيْنَ ۝

٤٧. فرمايائين اي نوح! اھو تنھن جي اھل مان ھرگز ڪونھي جو جو اھو يقينن برا عمل ڪرڻ وارو آھي پوءِ تون مون کان اھڙي دعا نہ گھر جنھن جي باري ۾ توکي (منھن جي

طرفان) علم نہ ڏنو ويو هجي ۽ مان توکي نصيحت کريان ٿو تہ جاهلن وانگر ڪڏهن بہ ڪم نہ ڪجانءِ.

قَالَ رَبِّ اِنِّيْٓ اَعُوْذُبِكَ اَنْ اَسْـَٔلَكَ مَا لَيْسَ لِيْ بِهٖ عِلْمٌ ۭ وَاِلَّا تَغْفِرْ لِيْ وَتَرْحَمْنِيْٓ اَكُنْ مِّنَ الْخٰسِرِيْنَ ۝٤٧

٤٨. (نوح چيو) اي منهن جا رب! مان هن باري ۾ تنهن جي پناهہ گهران ٿو تہ توکان ڪو اهڙو سوال ڪريان جنهن جي متعلق مونکي حقيقي علم حاصل نہ هجي ۽ جيڪڏهن تون منهنجي گذريل غلفت کي معاف نہ ڪرين ۽ رحم نہ ڪرين تہ مان نقصان حاصل ڪرڻ وارن مان ٿي پوندس.

قِيْلَ يٰنُوْحُ اهْبِطْ بِسَلٰمٍ مِّنَّا وَبَرَكٰتٍ عَلَيْكَ وَعَلٰٓي اُمَمٍ مِّمَّنْ مَّعَكَ ۭ وَاُمَمٌ سَنُمَتِّعُهُمْ ثُمَّ يَمَسُّهُمْ مِّنَّا عَذَابٌ اَلِيْمٌ ۝٤٩

٤٩. (انهيءَ تي انهيءَ کي) چيو ويو (تہ) اي نوح ! تون اسان جي طرفان (عطا ٿيل) سلامتي ۽ (قسمين قسمين) برڪتن ساڻ جيڪي توتي ۽ انهن امتن تي جيڪي توساڻ آهن (نازل ڪيون ويون آهن) سفر ڪر ۽ ڪي جماعتون اهڙيون بہ آهن جنکي اسان ضرور (دنيا جو عارضي) سامان عطا ڪنداسين (پر) پوءِ انهن تي اسان جي طرفان دردناڪ عذاب ايندو.

تِلْكَ مِنْ اَنْۢبَاۗءِ الْغَيْبِ نُوْحِيْهَآ اِلَيْكَ ۚ مَا كُنْتَ تَعْلَمُهَآ اَنْتَ وَلَا قَوْمُكَ مِنْ قَبْلِ هٰذَا ړ فَاصْبِرْ ړ اِنَّ الْعَاقِبَةَ لِلْمُتَّقِيْنَ ۝٥٠

منصفه عند المتاخرين ع ٤

٥٠. هي (تنبيهہ وارو بيان) غيب جي اهم خبرن مان آهي جيڪي اسان توتي وحي (جي ذريعي سان نازل) ڪريون ٿا. نہ تون انهنکي هن کان پهرئين ڄاڻندو هئين ۽ نہ تنهن جي قوم (ڄاڻندي هئي) پوءِ تون صبر کان ڪم وٺ (ڇوگو) انجام يقينن تقويٰ ڪرڻ وارن جو (ئي) هوندو آهي.

وَاِلٰي عَادٍ اَخَاهُمْ هُوْدًا ۭ قَالَ يٰقَوْمِ اعْبُدُوا اللّٰهَ مَا لَكُمْ مِّنْ اِلٰهٍ غَيْرُهٗ ۭ اِنْ اَنْتُمْ اِلَّا مُفْتَرُوْنَ ۝٥١

٥١. ۽ عاد ڏانهن (اسان) انهيءَ جي ڀاءَ هود کي (رسول بنائي موڪليو هو ۽) انهي انهنکي چيو هو تہ اي منهن جي قوم! توهان الله جي عبادت ڪيو. انهيءَ کان سواءِ

توهان جو ڪو بہ معبود نہ آهي (انهيءَ جي شريڪ مقرر ڪرڻ ۾) توهان فقط ڪوڙ ڪرڻ وارا آهيو.

يٰقَوْمِ لَآ اَسْـَٔلُكُمْ عَلَيْهِ اَجْرًا ۭ اِنْ اَجْرِيَ اِلَّا عَلَى
الَّذِيْ فَطَرَنِيْ ۭ اَفَلَا تَعْقِلُوْنَ ﴿٥٢﴾

٥٢. اي منهن جي قوم ! مان هن (ڪم) جو توهان کان ڪو اجر نہ ٿو گهران. منهن جو اجر انهيءَ هستيءَ جي ذمي آهي جنهن مون کي پيدا ڪيو آهي ڇا پوءِ (بہ) توهان عقل کان ڪم نٿا وٺو.

وَيٰقَوْمِ اسْتَغْفِرُوْا رَبَّكُمْ ثُمَّ تُوْبُوْٓا اِلَيْهِ يُرْسِلِ
السَّمَاۗءَ عَلَيْكُمْ مِّدْرَارًا وَّيَزِدْكُمْ قُوَّةً اِلٰى قُوَّتِكُمْ
وَلَا تَتَوَلَّوْا مُجْرِمِيْنَ ﴿٥٣﴾

٥٣. ۽ اي منهن جي قوم ! توهان پنهن جي رب کان بخشش گهرو پوءِ انهيءَ ڏانهن (ڪامل) رجوع اختيار ڪيو. جنهن جي نتيجي ۾ اهو توهان تي خوب وسڻ وارا ڪڪر موڪليندو ۽ توهان کي طاقت پٺيان طاقت بخشيندو ۽ ڏوهي بنجي خدا کان منهن نہ موڙيو.

قَالُوْا يٰهُوْدُ مَا جِئْتَنَا بِبَيِّنَةٍ وَّمَا نَحْنُ بِتَارِكِيْٓ
اٰلِهَتِنَا عَنْ قَوْلِكَ وَمَا نَحْنُ لَكَ بِمُؤْمِنِيْنَ ﴿٥٤﴾

٥٤. انهن چيو اي هود! تون اسان وٽ (پنهنجي دعويٰ جو) ڪو روشن ثبوت نہ آندو ۽ اسان فقط تنهن جي چوڻ تي پنهن جي معبودن کي ڇڏي نٿا سگهون ۽ نہ ئي اسان توتي ايمان آڻينداسين.

اِنْ نَّقُوْلُ اِلَّا اعْتَرٰىكَ بَعْضُ اٰلِهَتِنَا بِسُوْۗءٍ ۭ قَالَ اِنِّىْٓ
اُشْهِدُ اللّٰهَ وَاشْهَدُوْٓا اَنِّىْ بَرِيْۗءٌ مِّمَّا تُشْرِكُوْنَ ﴿٥٥﴾
مِنْ دُوْنِهٖ فَكِيْدُوْنِيْ جَمِيْعًا ثُمَّ لَا تُنْظِرُوْنِ ﴿٥٦﴾

٥٥-٥٦.(تنهن جي متعلق) اسان سواءِ هن جي (ڪجهہ) نہ ٿا چئون تہ اسان جو ڪو معبود خراب ارادن سان تنهنجي پٺيان پئجي ويو آهي. انهيءَ چيو مان الله کي (انهيءَ ڳالهہ) جو شاهد ٿو ڪيان ۽ توهان بہ شاهد رهو تہ جنهن کي توهان الله جو شريڪ قرار ڏيو ٿا مان انهيءَ کان بيزار آهيان (سو جيڪڏهن مان غلطيءَ تي آهيان) تہ سڀ ملي منهن جي خلاف منصوبا ٺاهيو ۽

مون کي ڪا ڍر نہ ڏيو.

إِنِّي تَوَكَّلْتُ عَلَى اللَّهِ رَبِّي وَرَبِّكُمْ ۚ مَا مِنْ دَابَّةٍ إِلَّا هُوَ آخِذٌ بِنَاصِيَتِهَا ۚ إِنَّ رَبِّي عَلَىٰ صِرَاطٍ مُسْتَقِيمٍ ٥٦

٥٧- مان الله تي جو منهنجو (بہ) رب (آهي) ۽ توهان جو (بہ) رب.آهي ڀروسو ڪيان ٿو (۽ چوان ٿو تہ روءِ زمين تي) ڪوبہ هلڻ وارو (جاندار) اهڙو ڪونهي جو اهو (خدا) انهيءَ جي پيشانيءَ کي جهليندڙ نہ هجي منهنجو رب يقينن مومنن جي مدد ڪرڻ لاءِ سڌي راهہ تي بيٺو آهي (۽ پنهن جي طرف اچڻ وارن جي حفاظت ڪري رهيو آهي).

فَإِنْ تَوَلَّوْا فَقَدْ أَبْلَغْتُكُمْ مَا أُرْسِلْتُ بِهِ إِلَيْكُمْ ۚ وَيَسْتَخْلِفُ رَبِّي قَوْمًا غَيْرَكُمْ وَلَا تَضُرُّونَهُ شَيْئًا ۚ إِنَّ رَبِّي عَلَىٰ كُلِّ شَيْءٍ حَفِيظٌ ٥٧

٥٨- پوءِ جيڪڏهن توهان مون کان پٺي ڦيرائي ويندؤ تہ (انهيءَ ۾ منهن جو ڪوبہ نقصان ڪونهي ڇو جو) جيڪا (تعليم) ڏئي مون کي توهان ڏانهن موڪليو ويو آهي اها مون توهان کي پهچائي ڇڏي آهي (جيڪڏهن توهان پٺي ڦيرائي ويندؤ تہ) منهنجو رب توهان کان سواءِ ڪنهن ٻي قوم کي (ٻهرين جو) جانشين بنائي ڇڏيندو ۽ توهان انهيءَ کي ڪجهہ (بہ) نقصان نہ پهچائي سگهندؤ. منهنجو رب يقينن هر شيءِ جو سنڀاليندڙ آهي.

وَلَمَّا جَاءَ أَمْرُنَا نَجَّيْنَا هُودًا وَالَّذِينَ آمَنُوا مَعَهُ بِرَحْمَةٍ مِنَّا وَنَجَّيْنَاهُمْ مِنْ عَذَابٍ غَلِيظٍ ٥٨

٥٩- ۽ جڏهن اسانجو (عذاب جي متعلق) حڪم اچي ويو تہ (انهيءَ وقت) اسان هود کي (بہ) ۽ جن ماڻهن انهيءَ سان گڏ ايمان آندو هو انهن کي (بہ) (انهيءَ عذاب کان) پنهن جي (خاص) رحمت جي ذريعي ڇوٽڪارو ڏنو ۽ اسان انهن کي هڪ سخت عذاب کان بچايو.

وَتِلْكَ عَادٌ ۖ جَحَدُوا بِآيَاتِ رَبِّهِمْ وَعَصَوْا رُسُلَهُ

٦٠- ۽ اهي (مغرور) عاد (ئي هئا) جن (ڏٺو وائٺو) پنهن جي رب جي نشانين جو انڪار

وَاتَّبَعُوٓا۟ أَمْرَ كُلِّ جَبَّارٍ عَنِيدٍ ﴿٥٩﴾

ڪيوهو ۽ انهيءَ رسولن جي نافرماني ڪئي هئي ۽ هر هڪ زورآور (۽) حق جي دشمن (شخص) جي حڪم جي پيروي ڪرڻ لڳي ويا هئا.

وَأُتْبِعُوا۟ فِى هَٰذِهِ ٱلدُّنْيَا لَعْنَةً وَيَوْمَ ٱلْقِيَٰمَةِ ۗ أَلَآ إِنَّ عَادًا كَفَرُوا۟ رَبَّهُمْ ۗ أَلَا بُعْدًا لِّعَادٍ قَوْمِ هُودٍ ﴿٦٠﴾ ع

٦١- هن دنيا ۾ (بہ) لعنت سندن پويان لڳائي ويئي آهي ۽ قيامت جي ڏينهن (بہ لڳائي ويندي) ٻڌو! عاد يقينن پنهن جي رب (جي احسانن) جي بي شڪري ڪئي هئي.

ٻڌو! (اسان عذاب جي فرشتن کي چئون ٿا) عاد يعني هود جي قوم لاءِ لعنت مقدر ڪيو.

وَإِلَىٰ ثَمُودَ أَخَاهُمْ صَٰلِحًا ۚ قَالَ يَٰقَوْمِ ٱعْبُدُوا۟ ٱللَّهَ مَا لَكُم مِّنْ إِلَٰهٍ غَيْرُهُۥ ۖ هُوَ أَنشَأَكُم مِّنَ ٱلْأَرْضِ وَٱسْتَعْمَرَكُمْ فِيهَا فَٱسْتَغْفِرُوهُ ثُمَّ تُوبُوٓا۟ إِلَيْهِ ۚ إِنَّ رَبِّى قَرِيبٌ مُّجِيبٌ ﴿٦١﴾

٦٢- ۽ ثمود ڏانهن (اسان) سندس ڀاءُ صالح کي موڪليو هو. هن (کين) چيو، اي منهنجي قوم! توهان الله جي عبادت ڪيو. انهيءَ کان سواءِ توهانجو ڪوبہ معبود ڪونهي. انهيءَ توهانکي زمين مان اٿاريو (۽ بلندي بخشي) ۽ انهيءَ ۾ توهانکي آباد ڪيو. تنهن ڪري توهان ان کان بخشش گهرو ۽ هن ڏانهن ڪامل رجوع اختيار ڪيو. منهن جو رب يقينن ويجهڙو آهي (۽ دعائون) قبول ڪرڻ وارو آهي.

قَالُوا۟ يَٰصَٰلِحُ قَدْ كُنتَ فِينَا مَرْجُوًّا قَبْلَ هَٰذَآ ۖ أَتَنْهَىٰنَآ أَن نَّعْبُدَ مَا يَعْبُدُ ءَابَآؤُنَا وَإِنَّنَا لَفِى شَكٍّ مِّمَّا تَدْعُونَآ إِلَيْهِ مُرِيبٍ ﴿٦٢﴾

٦٣- انهن چيو- اي صالح! هن کان اڳ (تہ) تون اسان ۾ (آئيندي جي لاءِ) اميد جي جاءِ (سمجهيو ويندو) هئين. (هنيئر) ڇا تون (عقل ۽ ڄاڻ هوندي) اسان کي انهيءَ ڳالهہ کان روڪين ٿو تہ اسين اهڙيون شين جي عبادت ڪيون جنهن جي عبادت اسانجا ابا (ڏاڏا) ڪندا آيا آهن. ۽ (سچ تہ اهو آهي تہ) جنهن ڳالهہ ڏانهن تون اسان کي سڏين ٿو تنهن جي باري ۾ اسين هڪ سک ڦنائڻ واري

شڪ ۾ پيل (آهيون).

قَالَ يٰقَوْمِ اَرَءَيْتُمْ اِنْ كُنْتُ عَلٰى بَيِّنَةٍ مِّنْ رَّبِّيْ وَاٰتٰىنِيْ مِنْهُ رَحْمَةً فَمَنْ يَّنْصُرُنِيْ مِنَ اللّٰهِ اِنْ عَصَيْتُهٗ فَمَا تَزِيْدُوْنَنِيْ غَيْرَ تَخْسِيْرٍ ﴿٦٤﴾

٦٤- هن چيو اي منهن جي قوم! ٻڌايو ته جيڪڏهن مان (واقعي پنهن جي دعويٰ جو بنياد) پنهنجي رب جي طرفان (مليل) ڪنهن روشن ثابتيءَ تي (پرکيان) ٿو ۽ هن مون کي پنهنجي حضور مان هڪ (خاص) رحمت عطا ڪئي آهي ته (انهيءَ هوندي) جيڪڏهن مان انهيءَ جي نافرماني ڪريان ته الله جي اڳيان ڪير منهن جي مدد ڪندو. پوءِ (انهيءَ وقت ته) توهان مون کي تباهيءَ ۾ وجهڻ کان سواءِ (ٻيءَ) ڪنهن ڳالهه ۾ نه وڌائيندؤ.

وَيٰقَوْمِ هٰذِهٖ نَاقَةُ اللّٰهِ لَكُمْ اٰيَةً فَذَرُوْهَا تَاْكُلْ فِيْٓ اَرْضِ اللّٰهِ وَلَا تَمَسُّوْهَا بِسُوْٓءٍ فَيَاْخُذَكُمْ عَذَابٌ قَرِيْبٌ ﴿٦٥﴾

٦٥- ۽ اي منهن جي قوم! هي ڏاچي (اها آهي) جنهنکي الله توهان لاءِ هڪ نشان بنايو آهي، تنهنڪري توهان هن کي آزاد گهمڻ ڦرڻ ڏيو انهيءَ لاءِ ته هي الله جي زمين ۾ (گهمي ڦري کائي پيئي) ۽ هنکي ڪابه تڪليف نه پهچايو نه ته توهان کي هڪ جلد اچڻ وارو عذاب اچي پڪڙيندو.

فَعَقَرُوْهَا فَقَالَ تَمَتَّعُوْا فِيْ دَارِكُمْ ثَلٰثَةَ اَيَّامٍ ذٰلِكَ وَعْدٌ غَيْرُ مَكْذُوْبٍ ﴿٦٦﴾

٦٦- انهيءَ تي انهن (تلوار سان) انهيءَ جون ننگون ڪپي ڇڏيون. جنهن تي انهيءَ (هن کي) چيو توهان ٽن ڏينهن (تائين) پنهنجي گهرن ۾ (پنهن جي حاصل ٿيل سامان مان) فائدو وٺو. هي (واعدو) اهڙو واعدو آهي جيڪو ڪوڙو نه ٿيندو.

فَلَمَّا جَآءَ اَمْرُنَا نَجَّيْنَا صٰلِحًا وَّالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مَعَهٗ بِرَحْمَةٍ مِّنَّا وَمِنْ خِزْيِ يَوْمِئِذٍ اِنَّ رَبَّكَ هُوَ الْقَوِيُّ الْعَزِيْزُ ﴿٦٧﴾

٦٧- پوءِ جڏهن اسان جو حڪم اچي ويو (يعني عذاب جو) ته اسان صالح کي ۽ انهيءَ سان گڏ جن انهيءَ تي ايمان آندو هو انهنکي خاص پنهنجي رحمت جي ذريعي هر ڪنهن مصيبت کان ۽ خاص ڪري انهيءَ

ڏينهن جي خواريءَ کان بچائي ورتو يقينن تنهن جو رب ئي (پوري پوري) قوت وارو (۽) غلبي وارو آهي.

وَ اَخَذَ الَّذِيْنَ ظَلَمُوا الصَّيْحَةُ فَاَصْبَحُوْا فِيْ دِيَارِهِمْ جٰثِمِيْنَ ﴿٦٨﴾

٦٨- ۽ جن ظلم (جو گناهہ) ڪيو هو انهن کي انهيءَ عذاب پڪڙي ورتو ۽ اهي پنهنجي پنهنجي گهرن ۾ (عذاب جي سببان) زمين سان چمبڙي پئجي رهيا.

كَاَنْ لَّمْ يَغْنَوْا فِيْهَا ؕ اَلَآ اِنَّ ثَمُوْدَاۡ كَفَرُوْا رَبَّهُمْ ؕ اَلَا بُعْدًا لِّثَمُوْدَ ﴿٦٩﴾

٦٩- ڄڻ اهي انهيءَ (ملڪ) ۾ ڪڏهن آباد ئي نہ ٿيا هئا. ٻڌو! ثمود پنهن جي رب (جي احسانن) جي ناشڪري ڪئي هئي. ٻڌو! (عذاب جي فرشتن کي حڪم ڪيو ويو تہ) ثمود جي لاءِ لعنت مقرر ڪري ڇڏيو.

ع

وَلَقَدْ جَآءَتْ رُسُلُنَآ اِبْرٰهِيْمَ بِالْبُشْرٰى قَالُوْا سَلٰمًا ؕ قَالَ سَلٰمٌ فَمَا لَبِثَ اَنْ جَآءَ بِعِجْلٍ حَنِيْذٍ ﴿٧٠﴾

٧٠- ۽ اسان جي قاصدن يقينن ابراهيم وٽ خوشخبري آندي هئي (۽) چيو هو تہ (اسان جي طرفان توهان تي) سلام هجي. انهيءَ چيو (توهان لاءِ بہ هميشه جي) سلامتي هجي. پوءِ (اهو) هڪ ڀُڳل گابو جلدي ڪٺي آيو.

فَلَمَّا رَاٰۤ اَيْدِيَهُمْ لَا تَصِلُ اِلَيْهِ نَكِرَهُمْ وَاَوْجَسَ مِنْهُمْ خِيْفَةً ؕ قَالُوْا لَا تَخَفْ اِنَّآ اُرْسِلْنَآ اِلٰى قَوْمِ لُوْطٍ ﴿٧١﴾

٧١ پوءِ جڏهن انهيءَ انهنجي هٿن کي ڏٺو تہ انهيءَ (کاڌي) تائين نہ ٿا پهچن تہ (انهيءَ) انهن جي (انهيءَ) فعل کي غير معمولي سمجهيو ۽ انهيءَ (فعل) کان خطرو محسوس ڪيو. (انهيءَ تي) انهن چيو (تہ) تون خوف نہ ڪر. اسان کي تہ لوط جي قوم ڏانهن موڪليو ويو آهي.

وَامْرَاَتُهٗ قَآئِمَةٌ فَضَحِكَتْ فَبَشَّرْنٰهَا بِاِسْحٰقَ ۙ وَ مِنْ وَّرَآءِ اِسْحٰقَ يَعْقُوْبَ ﴿٧٢﴾

٧٢ ۽ انهيءَ جي زال (بہ پرسان) بيٺي هئي. انهيءَ تي اها بہ گهبرائجي ويئي - تڏهن اسان انهيءَ جي تسلي جي لاءِ انهيءَ کي اسحاق جي ۽ اسحاق کان پوءِ يعقوب (جي پيدائش جي) بشارت ڏني.

قَالَتْ يٰوَيْلَتٰىٓ ءَاَلِدُ وَاَنَا عَجُوْزٌ وَّهٰذَا بَعْلِيْ شَيْخًا ؕ

٧٣ انهيءَ چيو هاءِ افسوس منهن جي

إِنَّ هٰذَا لَشَيْءٌ عَجِيبٌ ﴿٧٢﴾

بدنامي! چا مان (بار) ڄڻيندس حالانڪ مان پوڙهي ٿي چڪي آهيان ۽ منهنجو خاوند بہ ٻڍاپڻ جي حالت ۾ آهي اها يقينن عجيب ڳالهہ آهي.

قَالُوٓا أَتَعْجَبِينَ مِنْ أَمْرِ اللَّهِ رَحْمَتُ اللَّهِ وَبَرَكَاتُهُ عَلَيْكُمْ أَهْلَ الْبَيْتِ إِنَّهُ حَمِيدٌ مَّجِيدٌ ﴿٧٣﴾

٧٣ انهن چيو ڇا تون الله جي ڳالهہ تي تعجب ڪرين ٿي - اي هن گهر وارو توهان تي (تہ) الله جي رحمت ۽ انهيءَ جي (هر قسم جون) برڪتون (نازل ٿي رهيون) آهن (پوءِ توهان لاءِ تہ هيءَ ڳالهہ عجيب هئڻ نہ گهرجي) اهو يقينن تمام گهڻي تعريف وارو (۽) بزرگ شان وارو آهي.

فَلَمَّا ذَهَبَ عَنْ إِبْرَاهِيمَ الرَّوْعُ وَجَآءَتْهُ الْبُشْرَىٰ يُجَادِلُنَا فِي قَوْمِ لُوطٍ ﴿٧٤﴾

٧٥ پوءِ جڏهن ابراهيم ڪان گهبراهٽ دور ٿي وئي ۽ انهيءَ کي خوشخبري ملي تہ (انهيءَ وقت) اهو لوط جي قوم متعلق اسان سان تڪرار ڪرڻ لڳو.

إِنَّ إِبْرَاهِيمَ لَحَلِيمٌ أَوَّاهٌ مُّنِيبٌ ﴿٧٥﴾

٧٦ ابراهيم ڏاڍو بردبار (۽) دردمند (دل رکڻ وارو) (۽ اسان جي حضور) بار بار جهڪڻ وارو هو.

يَٰٓإِبْرَاهِيمُ أَعْرِضْ عَنْ هٰذَآ إِنَّهُ قَدْ جَآءَ أَمْرُ رَبِّكَ وَإِنَّهُمْ ءَاتِيهِمْ عَذَابٌ غَيْرُ مَرْدُودٍ ﴿٧٦﴾

٧٧ (انهيءَ تي اسان انهيءَ کي چيو) اي ابراهيم! تون انهيءَ (سفارش) ڪان رڪجي وڃ ڇو جو تنهنجي رب جو (آخري) حڪم اچي چڪو آهي ۽ انهن ڪافرن جي اهڙي حالت آهي جو انهن تي نہ ٽرڻ وارو عذاب اچي رهندو.

وَلَمَّا جَآءَتْ رُسُلُنَا لُوطًا سِيٓءَ بِهِمْ وَضَاقَ بِهِمْ ذَرْعًا وَقَالَ هٰذَا يَوْمٌ عَصِيبٌ ﴿٧٧﴾

٧٨ ۽ جڏهن اسان جا قاصد لوط وٽ آيا تہ انهن جي سبب انهيءَ کي غم ٿيو ۽ انهيءَ دل ۾ تنگي محسوس ڪئي ۽ چيو اجوڪو ڏينهن (ڏاڍو) سخت معلوم ٿئي ٿو.

وَجَآءَهُ قَوْمُهُ يُهْرَعُونَ إِلَيْهِ وَمِنْ قَبْلُ كَانُوا

٧٩ ۽ انهيءَ جي قوم (غصي سان) انهيءَ جي طرف ڀڄندي آئي ۽ (هي ڀهريون موقعو

يَعۡمَلُوۡنَ السَّيِّاٰتِ ؕ قَالَ يٰقَوۡمِ هٰٓؤُلَاۤءِ بَنَاتِیۡ هُنَّ اَطۡهَرُ لَـكُمۡ فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَلَا تُخۡزُوۡنِ فِیۡ ضَيۡفِیۡ ؕ اَلَيۡسَ مِنۡكُمۡ رَجُلٌ رَّشِيۡدٌ ﴿۷۹﴾

ڪو نہ هو) پهرئين (بہ) اهي ماڻهو (نهايت خطرناڪ) بديون ڪندا هئا. انهيءَ چيو اي منهن جي قوم هي منهن جون نياڻيون (جيڪي توهان جي ئي گهرن ۾ شادي شده) آهن اهي توهان جي لاءِ (۽ توهانجي آبرو جي بچائڻ لاءِ) نهايت پاڪ (دل ۽ پاڪ خيال) آهن پوءِ توهان الله جي تقويٰ اختيار ڪيو ۽ منهن جي مهمانن (جي موجودگي) ۾ مونکي خوار نہ ڪيو. ڇا توهان مان ڪو (بہ) سمجهدار (ماڻهو) ڪونہ آهي؟

قَالُوۡا لَـقَدۡ عَلِمۡتَ مَا لَـنَا فِیۡ بَنٰتِكَ مِنۡ حَقٍّ ۚ وَاِنَّكَ لَتَعۡلَمُ مَا نُرِيۡدُ ﴿۸۰﴾

٨٠. انهن چيو تہ تون يقينن معلوم ڪري چڪو آهين تہ تنهن جي نياڻين جي متعلق اسان ڪي ڪو بہ حق (حاصل) نہ آهي ۽ جيڪي (ڪجهہ) اسان چاهيون ٿا انهيءَ کي تون ڄاڻين ٿو.

قَالَ لَوۡ اَنَّ لِیۡ بِكُمۡ قُوَّةً اَوۡ اٰوِیۡۤ اِلٰى رُكۡنٍ شَدِيۡدٍ ﴿۸۱﴾

٨١. انهيءَ چيو ڪاش مونکي توهان جي مقابلي ۾ (ڪنهن قسم جي) قوت (حاصل) هجي ها. (تہ مان توهان جو مقابلو ڪيان ها) جيڪڏهن اها نہ آهي تہ هيءَ صورت باقي آهي تہ مان هڪ زبردست جاءِ پناهہ ڏانهن جهڪان.

قَالُوۡا يٰلُوۡطُ اِنَّا رُسُلُ رَبِّكَ لَنۡ يَّصِلُوۡۤا اِلَيۡكَ فَاَسۡرِ بِاَهۡلِكَ بِقِطۡعٍ مِّنَ الَّيۡلِ وَلَا يَلۡتَفِتۡ مِنۡكُمۡ اَحَدٌ اِلَّا امۡرَاَتَكَ ؕ اِنَّهٗ مُصِيۡبُهَا مَاۤ اَصَابَهُمۡ ؕ اِنَّ مَوۡعِدَهُمُ الصُّبۡحُ ؕ اَلَيۡسَ الصُّبۡحُ بِقَرِيۡبٍ ﴿۸۲﴾

٨٢. (انهيءَ تي) انهن چيو (يعني مهمانن) تہ اي لوط! اسان يقينن تنهن جي رب جا قاصد آهيون ۽ اسانکي معلوم آهي تہ اهي تو تائين هرگز نہ پهچندا (انهن جي تباهيءَ جو وقت اچي چڪو آهي) انهيءَ ڪري تون رات جي ڪنهن حصي ۾ پنهن جي گهر وارن کي وٺي ٽڪرُو (هتان ڪاڻ) هليو وڃ ۽ توهان مان ڪوبہ (فرد) هيڏانهن هوڏانهن نہ ڏسي (انهيءَ طرح سان توهان محفوظ رهندا) ها

تنهن جي زال اهڙي آهي جو جيڪو (عذاب) انهن تي آيل (آهي) اهو انهيءَ تي بہ يقينن اچڻ وارو آهي انهن جو مقرر وقت (آئينده) صبح آهي (ءُ) ڇا صبح ويجهو نہ آهي؟

فَلَمَّا جَآءَ اَمْرُنَا جَعَلْنَا عَالِيَهَا سَافِلَهَا وَ اَمْطَرْنَا عَلَيْهَا حِجَارَةً مِّنْ سِجِّيْلٍ ۙ مَّنْضُوْدٍ ﴿۸۲﴾

۸۳- پوءِ جڏهن اسان جو حڪم اچي ويو تہ اسان انهيءَ (بستيءَ) جي مٿين حصي کي هيٺ وارو (حصو) بڻائي ڇڏيو ۽ انهيءَ تي خشڪ مٽيءَ جي تهيل پٿرن جي هڪ ٻئي پٺيان بارش وسائي.

مُّسَوَّمَةً عِنْدَ رَبِّكَ ؕ وَ مَا هِيَ مِنَ الظّٰلِمِيْنَ بِبَعِيْدٍ ﴿۸۳﴾

۸۴- جيڪا تنهن جي رب جي تقدير ۾ (انهن لاءِ ئي) مقرر (۽ نامزد) ڪيل هئي ۽ انهن ظالمن کان (بہ) اهوعذاب پري ڪونهي.

وَ اِلٰى مَدْيَنَ اَخَاهُمْ شُعَيْبًا ؕ قَالَ يٰقَوْمِ اعْبُدُوا اللّٰهَ مَا لَكُمْ مِّنْ اِلٰهٍ غَيْرُهٗ ؕ وَ لَا تَنْقُصُوا الْمِكْيَالَ وَ الْمِيْزَانَ اِنِّيْۤ اَرٰىكُمْ بِخَيْرٍ وَّ اِنِّيْۤ اَخَافُ عَلَيْكُمْ عَذَابَ يَوْمٍ مُّحِيْطٍ ﴿۸۴﴾

۸۵- ۽ مدين جي طرف (اسان) انهيءَ جي ڀاءُ شعيب کي(نبي بڻائي موڪليو) انهي (انهن کي) چيو اي منهن جي قوم ! توهان الله جي عبادت ڪيو. انهيءَ کان سواءِ توهان جو ڪوبہ معبود ڪونهي ۽ ماپ ۽ تور کي گهٽ نہ ڪندا ڪيو مان (هن وقت) يقينن توهان کي چڱيءَ حالت ۾ ڏسان ٿو ۽ (انهيءَ سان گڏ) مان توهان جي باري ۾ هڪ تباهہ ڪندڙ ڏينهن جي عذاب کان ڊڄي رهيو آهيان.

وَ يٰقَوْمِ اَوْفُوا الْمِكْيَالَ وَ الْمِيْزَانَ بِالْقِسْطِ وَ لَا تَبْخَسُوا النَّاسَ اَشْيَآءَهُمْ وَ لَا تَعْثَوْا فِي الْاَرْضِ مُفْسِدِيْنَ ﴿۸۵﴾

۸۶- ۽ اي منهن جي قوم! توهان ماپ ۽ تور کي انصاف سان پورا ڪندا ڪيو ۽ ماڻهن کي انهن جون شيون گهٽ نہ ڏيندا ڪيو ۽ فسادي بڻجي زمين ۾ خرابي نہ پکيڙيو.

بَقِيَّتُ اللّٰهِ خَيْرٌ لَّكُمْ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ۚ وَ مَاۤ اَنَا عَلَيْكُمْ بِحَفِيْظٍ ﴿۸۶﴾

۸۷- جيڪڏهن توهان (سچا) مومن آهيو تہ (يقين ڄاڻو تہ) الله جو (توهان وٽ) باقي ڇڏيل (مال ئي) توهان لاءِ بهتر (۽ مبارڪ) آهي ۽ مان توهان تي ڪو نگهبان (بڻائي)

نہ موڪليو ويو آهيان (صرف هڪ ناصح آهيان).

قَالُوْا يٰشُعَيْبُ اَصَلٰوتُكَ تَاْمُرُكَ اَنْ نَّتْرُكَ مَا يَعْبُدُ اٰبَآؤُنَآ اَوْ اَنْ نَّفْعَلَ فِيْٓ اَمْوَالِنَا مَا نَشٰٓؤُا ۭ اِنَّكَ لَاَنْتَ الْحَلِيْمُ الرَّشِيْدُ ۝٨٨

٨٨- انهن چيو، اي شعيب ! ڇا تنهن جي نماز توکي حڪم ڏئي ٿي تہ جنهن شيء جي اسان جا پيء ڏاڏا پوڄا ڪندا (آيا) آهن انهيء کي اسان ڇڏي ڏيون يا انهيء ڳالهہ کي (ترڪ ڪري ڇڏيون) تہ پنهن جي مالن متعلق اسان جيڪي چاهيون ڪريون (جيڪڏهن ائين آهي) تہ تون يقيناً وڏو عقل مند (۽) سمجهدار (ماڻهو) آهين.

قَالَ يٰقَوْمِ اَرَءَيْتُمْ اِنْ كُنْتُ عَلٰي بَيِّنَةٍ مِّنْ رَّبِّيْ وَرَزَقَنِيْ مِنْهُ رِزْقًا حَسَنًا ۭ وَمَآ اُرِيْدُ اَنْ اُخَالِفَكُمْ اِلٰي مَآ اَنْهٰىكُمْ عَنْهُ ۭ اِنْ اُرِيْدُ اِلَّا الْاِصْلَاحَ مَا اسْتَطَعْتُ ۭ وَمَا تَوْفِيْقِيْٓ اِلَّا بِاللّٰهِ ۭ عَلَيْهِ تَوَكَّلْتُ وَاِلَيْهِ اُنِيْبُ ۝٨٩

٨٩- انهي چيو اي منهن جي قوم! (ڀلا) ٻڌايو (تہ سهي) جيڪڏهن (ثابت ٿيو تہ) مان (پنهنجي دعويٰ جو بنياد) پنهن جي رب جي طرفان (عطا ٿيل) ڪنهن روشن دليل تي (رکان) ٿو ۽ انهيء پنهن جي حضور مان مونکي سٺو (۽ پسنديدهہ) رزق ڏنو آهي (تہ صبحاڻي رب جي حضور ۾ ڇا جواب ڏيندؤ؟) ۽ مان نہ ٿو چاهيان تہ جنهن ڳالهہ کان توهان کي روڪيان (انهيء کان توهان رڪجي وڃو ۽ خود مان) توهان جي خلاف انهيء (ڳالهہ) جو ارادو ڪيان مان تہ سواء انهيء (حد تائين) اصلاح جي جنهن جي مونکي طاقت آهي ڪجهہ نہ ٿو چاهيان ۽ منهنجو توفيق حاصل ڪرڻ الله ئي (جي فضل ۽ رحم) سان (وابستہ) آهي انهيء تي منهنجو ڀروسو آهي ۽ مان انهيء ڏانهن مان بار بار جهڪان ٿو.

وَيٰقَوْمِ لَا يَجْرِمَنَّكُمْ شِقَاقِيْٓ اَنْ يُّصِيْبَكُمْ مِّثْلُ مَآ اَصَابَ قَوْمَ نُوْحٍ اَوْ قَوْمَ هُوْدٍ اَوْ قَوْمَ صٰلِحٍ ۭ وَمَا قَوْمُ لُوْطٍ مِّنْكُمْ بِبَعِيْدٍ ۝٩٠

٩٠- ۽ اي منهن جي قوم! (ڏسجو ڪٿي توهان جي) مون سان دشمني توهان کي (هن ڳالهہ تي) نہ ڀڙڪائي جو توهان اهڙي (ئي) مصيبت ۾ مبتلا ٿيو جهڙي نوح جي

قوم يا هود جي قوم يا صالح جي قوم تي مصيبت آئي هئي ۽ لوط جي قوم (تہ) توهان کان ڪجهہ (ايتري) پري (بہ) نہ آهي.

وَاسْتَغْفِرُوْا رَبَّكُمْ ثُمَّ تُوْبُوْٓا اِلَيْهِ ۭ اِنَّ رَبِّيْ رَحِيْمٌ وَّدُوْدٌ ﴿٩١﴾

٩١- ۽ توهان پنهن جي رب کان بخشش طلب ڪيو (۽) پوءِ انهيءَ ڏانهن ڪامل رجوع اختيار ڪيو منهن جو رب يقينن بار بار رحم ڪرڻ وارو (۽) گهڻو محبت ڪرڻ وارو آهي.

قَالُوْا يٰشُعَيْبُ مَا نَفْقَهُ كَثِيْرًا مِّمَّا تَقُوْلُ وَاِنَّا لَنَرٰىكَ فِيْنَا ضَعِيْفًا ۚ وَلَوْلَا رَهْطُكَ لَرَجَمْنٰكَ ۡ وَمَآ اَنْتَ عَلَيْنَا بِعَزِيْزٍ ﴿٩٢﴾

٩٢- انهن چيو اي شعيب ! جو ڪجهہ تون چوين ٿو انهيءَ مان گهڻو (حصو) اسان جي سمجهہ ۾ نٿو اچي ۽ اسان توکي پنهن جي وچم هڪ ڪمزور ماڻهو سمجهون ٿا ۽ جيڪڏهن تنهن جو گروهہ نہ هجي ها تہ اسان توکي سنگسار ڪري ڇڏيون ها ۽ تون (بذات خود) اسان جي نظر ۾ ڪو قابل عزت وجود نہ آهين.

قَالَ يٰقَوْمِ اَرَهْطِيْٓ اَعَزُّ عَلَيْكُمْ مِّنَ اللّٰهِ ۭ وَاتَّخَذْتُمُوْهُ وَرَاۗءَكُمْ ظِهْرِيًّا ۭ اِنَّ رَبِّيْ بِمَا تَعْمَلُوْنَ مُحِيْطٌ ﴿٩٣﴾

٩٣- انهيءَ چيو اي منهن جي قوم ! ڇا منهن جو گروه الله جي نسبت توهان جي نظر ۾ زياده قابل عزت آهي ۽ انهيءَ کي توهان پنهن جي پٺيءَ پٺيان اڇلائي ڇڏيو آهي جيڪي ڪجهہ توهان ڪيو ٿا انهيءَ کي منهن جو رب خوب ڄاڻي ٿو.

وَيٰقَوْمِ اعْمَلُوْا عَلٰي مَكَانَتِكُمْ اِنِّىْ عَامِلٌ ۭ سَوْفَ تَعْلَمُوْنَ ۙ مَنْ يَّاْتِيْهِ عَذَابٌ يُّخْزِيْهِ وَمَنْ هُوَ كَاذِبٌ ۭ وَارْتَقِبُوْٓا اِنِّىْ مَعَكُمْ رَقِيْبٌ ﴿٩٤﴾

٩٤- ۽ اي منهن جي قوم! توهان پنهن جي جڳهہ تي (پنهن جا) ڪم ڪندا هلو مان بہ (پنهن جي جڳهہ تي) پنهنجو ڪم ڪري رهيو آهيان عنقريب توهان کي معلوم ٿي ويندو تہ اهو ڪير آهي جنهن تي خوار ڪري ڇڏڻ وارو عذاب اچي ٿو ۽ ڪير ڪوڙو آهي (۽ ڪير سچو) ۽ توهان (بہ پنهن جي ۽ منهن جي پڇاڙيءَ جو) انتظار ڪيو. مان

وَحَصِيْدٌ ﴿١٠١﴾

سامهون بيان ڪيون ٿا. انهن مان ڪي (بستيون اجان تائين موجود) بيٺيون آهن (يعني انهن جا نشان موجود آهن) ۽ ڪي تباهہ ٿيل حالت ۾ آهن (يعني انهن جا نشان بہ مٽجي ويا آهن).

وَمَا ظَلَمْنٰهُمْ وَلٰكِنْ ظَلَمُوْٓا اَنْفُسَهُمْ فَمَآ اَغْنَتْ عَنْهُمْ اٰلِهَتُهُمُ الَّتِيْ يَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ مِنْ شَيْءٍ لَّمَّا جَآءَ اَمْرُ رَبِّكَ ۭ وَمَا زَادُوْهُمْ غَيْرَ تَتْبِيْبٍ ﴿١٠٢﴾

١٠٢- ۽ اسان انهن تي ڪو ظلم نہ ڪيو (هو) پر انهن (خود ئي) پنهن جي جانين تي ظلم ڪيو هو پوءِ جڏهن تنهن جي رب (جي عذاب) جو حڪم اچي ويو تہ انهن جي معبودن جن کي اهي الله کان سواءِ پڪاريندا هئا انهنکي ڪجهہ بہ فائدو نہ ڏنو ۽ سواءِ تباهي ۽ ۾ وجهڻ جي انهن (ڪنهن ڳالهہ ۾) انهنکي نہ وڌايو.

وَكَذٰلِكَ اَخْذُ رَبِّكَ اِذَآ اَخَذَ الْقُرٰى وَهِيَ ظَالِمَةٌ ۭ اِنَّ اَخْذَهٗٓ اَلِيْمٌ شَدِيْدٌ ﴿١٠٣﴾

١٠٣- ۽ تنهن جي رب جي پڪڙ جڏهن اهو بستين کي انهي حالت ۾ جو اهي ظلم مٿان ظلم ڪري رهيون هونديون آهن پڪڙيندو آهي، اهڙي طرح (يعني حجت قائم ڪرڻ کان پوءِ) ٿيندي آهي انهيءَ جي پڪڙ ڏاڍي دردناڪ (۽) سخت ٿيندي آهي.

اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً لِّمَنْ خَافَ عَذَابَ الْاٰخِرَةِ ۭ ذٰلِكَ يَوْمٌ مَّجْمُوْعٌ ۙ لَّهُ النَّاسُ وَذٰلِكَ يَوْمٌ مَّشْهُوْدٌ ﴿١٠٤﴾

١٠۴- جيڪو آخرت جي عذاب کان ڊڄندو هجي انهيءِ لاءِ (خدا جي) انهيءَ (پڪڙ) ۾ يقينن هڪ (عبرت انگيز) نشان (ملندو) آهي. هي هڪ اهڙو ڏينهن (اچڻ وارو) آهي جنهن لاءِ ماڻهن کي جمع ڪيو ويندو ۽ اهو اهڙو ڏينهن هوندو جنهن کي سڀ ماڻهو ڏسندا.

وَمَا نُؤَخِّرُهٗٓ اِلَّا لِاَجَلٍ مَّعْدُوْدٍ ﴿١٠٥﴾

١٠٥- ۽ اسان انهيءَ کي صرف هڪ مقرر مدت تائين پوئتي ڪري رهيا آهيون.

يَوْمَ يَاْتِ لَا تَكَلَّمُ نَفْسٌ اِلَّا بِاِذْنِهٖ ۚ فَمِنْهُمْ شَقِيٌّ وَّسَعِيْدٌ ﴿١٠٦﴾

١٠٦- جنهن وقت اهو ايندو ڪوبہ شخص ان جي (يعني خدا تعاليٰ جي) حڪم کان سواءِ ڪلام نہ ڪري سگهندو ـ پوءِ انهن مان

(ڪي تہ) بدبخت (ثابت) ٿيندا ۽ (ڪي) خوش نصيب هوندا.

فَاَمَّا الَّذِيْنَ شَقُوْا فَفِى النَّارِ لَهُمْ فِيْهَا زَفِيْرٌ وَّ شَهِيْقٌ ﴿١٠٦﴾

١٠٦. پوءِ جيڪي بدبخت (ثابت) ٿيندا. اهي باھہ ۾ (داخل) ٿيندا. انهيءَ ۾ (ڪنهن وقت تہ) انهن جا (درد کان) ڏکيا (ٿڌا) ساھہ (نڪري رهيا) هوندا ۽ (ڪنهن وقت) هڏڪوئي جي حالت وانگر ساھہ (نڪري رهيا هوندا).

خٰلِدِيْنَ فِيْهَا مَا دَامَتِ السَّمٰوٰتُ وَالْاَرْضُ اِلَّا مَا شَآءَ رَبُّكَ ۭ اِنَّ رَبَّكَ فَعَّالٌ لِّمَا يُرِيْدُ ﴿١٠٧﴾

١٠٨. اهي انهيءَ ۾ انهيءَ وقت تائين رهندا ايندا جيستائين آسمان ۽ زمين قائم آهن سواءِ انهي (عرصي) جي جيڪو تنهن جو رب جيڪي گهري ٿو اهو ڪري وٺي ٿو.

وَاَمَّا الَّذِيْنَ سُعِدُوْا فَفِى الْجَنَّةِ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا مَا دَامَتِ السَّمٰوٰتُ وَالْاَرْضُ اِلَّا مَا شَآءَ رَبُّكَ ۭ عَطَآءً غَيْرَ مَجْذُوْذٍ ﴿١٠٨﴾

١٠٩. ۽ جيڪي خوش نصيب ثابت ٿيندا اهي جنت ۾ هوندا اهي انهيءَ ۾ انهيءَ وقت تائين رهندا ايندا جيستائين آسمان ۽ زمين قائم آهن. سواءِ انهيءَ وقت جي جو جيڪو تنهن جو رب گهري (هيءُ اهڙي) عطا آهي جيڪا (ڪڏهين) ڪٽي نہ ويندي.

فَلَا تَكُ فِىْ مِرْيَةٍ مِّمَّا يَعْبُدُ هٰٓؤُلَآءِ ۭ مَا يَعْبُدُوْنَ اِلَّا كَمَا يَعْبُدُ اٰبَآؤُهُمْ مِّنْ قَبْلُ ۭ وَاِنَّا لَمُوَفُّوْهُمْ نَصِيْبَهُمْ غَيْرَ مَنْقُوْصٍ ﴿١٠٩﴾ ع ٩

١١٠. پوءِ (اي مخاطب!) جيڪا عبادت هي (ماڻهو) ڪن ٿا. انهيءَ جي (ڪوڙي هئڻ جي) متعلق تون ڪنهن شڪ (۽ شبهي) ۾ نہ پو. اهي اهڙي نموني جي عبادت ڪن ٿا جهڙي نموني جي عبادت (انهن کان) پهرين انهن جا ابا ڏاڏا ڪندا هئا ۽ اسان يقينن انهنکي (بہ) سندن حصو پورو پورو ڏينداسين جنهن مان (هرگز) ڪجهہ گهٽ نہ ڪيو ويندو.

وَلَقَدْ اٰتَيْنَا مُوْسَى الْكِتٰبَ فَاخْتُلِفَ فِيْهِ ۭ وَلَوْلَا كَلِمَةٌ سَبَقَتْ مِنْ رَّبِّكَ

١١١. ۽ اسان (اختلاف مٽائڻ لاءِ) يقينن موسيٰ کي (بہ) ڪتاب (يعني تورات) ڏنو هو پوءِ (ڪجهہ مدت کان پوءِ) انهيءَ جي

لَقُضِيَ بَيْنَهُمْ ۚ وَإِنَّهُمْ لَفِي شَكٍّ مِّنْهُ
مُرِيبٍ ﴿١١٠﴾

متعلق (بہ) اختلاف ڪيو ويو ۽ جيڪڏهن
اها (رحمت جي واعدي واري) ڳالهہ جيڪا
تنهن جي رب جي طرفان پهرئين (ئي) نازل
ٿي چڪي آهي (روڪڻ واري) نہ هجي ها
تہ انهن جي وچم (ڪڏهو ڪو) فيصلو ٿي
وڃي ها ۽ هاڻي تہ اهي انهيءَ (ڪتاب يعني
قرآن) جي متعلق (بہ) هڪ بي چين ڪري
ڇڏڻ واري شڪ ۾ (پيل) آهن.

وَإِنَّ كُلًّا لَّمَّا لَيُوَفِّيَنَّهُمْ رَبُّكَ أَعْمَالَهُمْ ۚ إِنَّهُ بِمَا
يَعْمَلُونَ خَبِيرٌ ﴿١١١﴾

١١٢- ۽ تنهن جو رب يقينن انهن سڀني کي
انهن جي عملن (جو ڦل) پورو (پورو)
ڏيندو. اهي جيڪي ڪجهہ ڪن ٿا انهيءَ
کي اهو چڱي طرح ڄاڻي ٿو.

فَاسْتَقِمْ كَمَا أُمِرْتَ وَمَن تَابَ مَعَكَ وَلَا تَطْغَوْا ۚ
إِنَّهُ بِمَا تَعْمَلُونَ بَصِيرٌ ﴿١١٢﴾

١١٣- پوءِ (اي رسول!) تون انهن (ماڻهن)
سميت جن تو سان گڏجي (اسان ڏانهن) رجوع
ڪيو آهي (اهڙيءَ طرح) جهڙيءَ طرح توکي
حڪم ڏنو ويو آهي سڌيءَ راهہ تي قائم رهہ
۽ (اي مومنو!) توهان ڪڏهن حد کان نہ
وڌجو. جو ڪجهہ توهان ڪيو ٿا اهو انهيءَ
کي ڏسي رهيو آهي.

وَلَا تَرْكَنُوا إِلَى الَّذِينَ ظَلَمُوا فَتَمَسَّكُمُ النَّارُ وَمَا
لَكُم مِّن دُونِ اللَّهِ مِنْ أَوْلِيَاءَ ثُمَّ لَا تُنصَرُونَ ﴿١١٣﴾

١١٤- ۽ توهان انهن ماڻهن ڏانهن جن ظلم
(جو شيوو اختيار) ڪيو آهي نہ جهڪجو
نہ تہ توهان کي (بہ جهنم جي) باهہ (جي
لهس) پهچندي ۽ (انهيءَ وقت) الله کان
سواءِ توهان جو ڪوبہ دوست (۽ مددگار)
نہ هوندو ۽ توهان کي (ڪنهن طرف کان
بہ) مدد نہ ملندي.

وَأَقِمِ الصَّلَاةَ طَرَفَيِ النَّهَارِ وَزُلَفًا مِّنَ اللَّيْلِ ۚ إِنَّ
الْحَسَنَاتِ يُذْهِبْنَ السَّيِّئَاتِ ۚ ذَٰلِكَ ذِكْرَىٰ
لِلذَّاكِرِينَ ﴿١١٤﴾

١١٥- ۽ (اي مخاطب!) تون ڏينهن جي ٻنهي
طرفن ۽ رات جي (گهڻن ۽ مختلف) وقتن ۾
عمدگي سان نماز ادا ڪندو ڪر. يقينن
نيڪيون بدين کي پري ڪري ڇڏين ٿيون.

هي (تعليم الله جي) ياد رکڻ وارن لاءِ هڪ نصيحت آهي.

وَاصْبِرْ فَإِنَّ اللَّهَ لَا يُضِيعُ أَجْرَ الْمُحْسِنِينَ ﴿١١٦﴾

١١٦- ۽ صبر (۽ پختگي) کان ڪم وٺ ڇو جو الله نيڪين جي اجر کي هرگز ضائع نہ ٿو ڪري.

فَلَوْلَا كَانَ مِنَ الْقُرُونِ مِنْ قَبْلِكُمْ أُولُوا بَقِيَّةٍ يَنْهَوْنَ عَنِ الْفَسَادِ فِي الْأَرْضِ إِلَّا قَلِيلًا مِمَّنْ أَنْجَيْنَا مِنْهُمْ ۗ وَاتَّبَعَ الَّذِينَ ظَلَمُوا مَا أُتْرِفُوا فِيهِ وَكَانُوا مُجْرِمِينَ ﴿١١٧﴾

١١٧- پوءِ ڇو انهن قومن مان جيڪي توهان کان اڳ (زماني ۾) هيون اهڙا عقلمند (ماڻهو) نہ نڪتا جيڪي (ماڻهن کي) ملڪ ۾ ڏڦير پکيڙڻ کان روڪين ها سواءِ ٿورڙن جي، جن کي اسان (انهن جي بدين کان رڪجڻ ۽ روڪڻ جي سببان) بچائي ورتو ۽ (باقي ماڻهو) جن ظلم جو (شيوو اختيار) ڪيو هو انهي (مال متاع) جي لذت ۾ مشغول ٿي ويا. جنهن ۾ انهنکي آسودگي بخشي وئي هئي ۽ مجرم ٿي ويا.

وَمَا كَانَ رَبُّكَ لِيُهْلِكَ الْقُرَىٰ بِظُلْمٍ وَأَهْلُهَا مُصْلِحُونَ ﴿١١٨﴾

١١٨- ۽ تنهن جو رب اهڙو هرگز نہ آهي جو (ملڪ جي) آبادين کي باوجود انهيءَ جي جو انهي جي رهڻ وارا اصلاح (جا ڪم) ڪرڻ وارا هجن تباهہ ڪري ڇڏي.

وَلَوْ شَاءَ رَبُّكَ لَجَعَلَ النَّاسَ أُمَّةً وَاحِدَةً ۖ وَلَا يَزَالُونَ مُخْتَلِفِينَ ﴿١١٩﴾

١١٩- ۽ جيڪڏهن تنهنجو رب پنهن جي ئيءِ مرضي نافذ ڪري ها تہ سڀني ماڻهن کي هڪ ئي جماعت بنائي ڇڏي ها. ۽ (جاڪاڻ تہ انهي ائين نہ ڪيو ۽ انهن کي انهن جي عقل تي ڇڏي ڏنو آهي) اهي هميشه اختلاف ڪندا رهندا.

إِلَّا مَنْ رَحِمَ رَبُّكَ ۚ وَلِذَٰلِكَ خَلَقَهُمْ ۗ وَتَمَّتْ كَلِمَةُ رَبِّكَ لَأَمْلَأَنَّ جَهَنَّمَ مِنَ الْجِنَّةِ وَالنَّاسِ أَجْمَعِينَ ﴿١٢٠﴾

١٢٠- سواءِ انهن جي، جن تي تنهن جي رب رحم ڪيو آهي ۽ انهي (رحم جو نڪاتو بنائڻ) لاءِ انهي انهنکي پيدا ڪيو آهي ۽ تنهن جي رب جو اهو فرمودو ضرور پورو ٿيندو. (تہ) مان جهنم کي يقيناً (انهن

سيني) جن ۽ انسانن سان (جيڪي اختلاف جو موجب بڻجن ٿا) ڀريندس.

وَكُلًّا نَّقُصُّ عَلَيْكَ مِنْ اَنْۢبَآءِ الرُّسُلِ مَا نُثَبِّتُ بِهٖ فُؤَادَكَ ۚ وَجَآءَكَ فِيْ هٰذِهِ الْحَقُّ وَمَوْعِظَةٌ وَّذِكْرٰى لِلْمُؤْمِنِيْنَ ﴿١٢١﴾

١٢١. ۽ تنهن جي دل کي مضبوط ڪرڻ لاءِ رسولن جون سڀئي اهم خبرون اسان تنهن جي سامهون بيان ڪيون ٿا. ۽ هن (سورت) ۾ اهي سڀ ڳالهيون توتي نازل ٿي ويون آهن جيڪي حق ۽ حڪمت سان ڀر آهن ۽ نصيحت ڪرڻ واريون ۽ مومنن کي انهن جا مقصد ياد ڏيارڻ واريون آهن.

وَقُلْ لِّلَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ اعْمَلُوْا عَلٰى مَكَانَتِكُمْ ۭ اِنَّا عٰمِلُوْنَ ﴿١٢٢﴾

١٢٢. ۽ انهن ماڻهن کي جيڪي ايمان نہ ٿا آڻين چؤ تہ توهان ڀنهن جي حال سارو عمل ڪريو. اسان بہ (ڀنهن جي حالت مطابق) عمل ڪنداسين.

وَانْتَظِرُوْا ۚ اِنَّا مُنْتَظِرُوْنَ ﴿١٢٣﴾

١٢٣. ۽ توهان انتظار ڪيو اسان بہ انتظار ڪري رهيا آهيون.

وَلِلّٰهِ غَيْبُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَاِلَيْهِ يُرْجَعُ الْاَمْرُ كُلُّهٗ فَاعْبُدْهُ وَتَوَكَّلْ عَلَيْهِ ۭ وَمَا رَبُّكَ بِغَافِلٍ عَمَّا تَعْمَلُوْنَ ﴿١٢٤﴾ ع ١٠

١٢٤. ۽ آسمانن ۽ زمين جو ڳجهہ صرف الله کي حاصل آهي ۽ سڀئي ڳالهيون (ٻچاڙيءَ جي لحاظ کان) آخر انهيءَ ڏانهن موٽي وڃن ٿيون. ڀوءِ تون انهيءَ جي عبادت ڪر ۽ انهيءَ تي ڀروسو ڪر ۽ تنهن جو رب انهن عملن کان هرگز غافل ڪونهي جيڪي توهان ڪيو ٿا.

## سُوْرَةُ يُوْسُفَ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ مَعَ الْبَسْمَلَةِ مِائَةٌ وَّاثْنَتَا عَشْرَةَ اٰيَةً وَّاثْنَا عَشَرَ رُكُوْعًا

هيءَ سورت مڪي آهي، ۽ بسم الله سميت هن ۾ هڪ سو ٻارنهن آيتون ۽ ٻارنهن رڪوع آهن.

---

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ①

١. (مان) الله جو نالو وٺي جيڪو بيحد ڪرم ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي (پڙهانٿو)

الٓرٰ تِلْكَ اٰيٰتُ الْكِتٰبِ الْمُبِيْنِ ②

٢. مان الله ڏسڻ وارو آهيان - هي (حقيقتن کي) روشن ڪرڻ واري ڪتاب جون آيتون آهن.

اِنَّآ اَنْزَلْنٰهُ قُرْءٰنًا عَرَبِيًّا لَّعَلَّكُمْ تَعْقِلُوْنَ ③

٣. ٻنهن جي مطلب کي چڱيءَ طرح واضح ڪرڻ واري ڪتاب (قرآن) کي اسان لاٿو آهي انهيءَ لاءِ تہ توهان (انهيءَ ۾) عقل (۽ تدبر) کان ڪم وٺو.

نَحْنُ نَقُصُّ عَلَيْكَ اَحْسَنَ الْقَصَصِ بِمَآ اَوْحَيْنَآ اِلَيْكَ هٰذَا الْقُرْاٰنَ ۖ وَاِنْ كُنْتَ مِنْ قَبْلِهٖ لَمِنَ الْغٰفِلِيْنَ ④

٤. اسان تو وٽ (هر ڳالهہ کي) بهترين نموني بيان ڪيون ٿا، جو جو اسان هن قرآن کي توڏانهن (حقيقتن تي مشتمل) وحيءَ (جي معرفت نازل) ڪيو آهي ۽ هن کان پهريائين تون (انهن حقيقتن کان) بي خبر ماڻهن ۾ شامل هئين.

اِذْ قَالَ يُوْسُفُ لِاَبِيْهِ يٰٓاَبَتِ اِنِّيْ رَاَيْتُ اَحَدَ عَشَرَ كَوْكَبًا وَّالشَّمْسَ وَالْقَمَرَ رَاَيْتُهُمْ لِيْ سٰجِدِيْنَ ⑤

٥. (تون انهيءَ وقت کي ياد ڪر) جڏهن يوسف پنهنجي پيءُ کي چيو (هو) تہ اي منهنجا پيءُ! (يقين ڄاڻ) مون يارنهن تارن کي ۽ سج ۽ چنڊ کي (ٻہ خواب ۾) ڏٺو آهي (۽ وڌيڪ تعجب هن تي آهي تہ) مون انهن کي پنهن جي اڳيان سجدو ڪندي ڏٺو آهي.

قَالَ يٰبُنَيَّ لَا تَقْصُصْ رُءْيَاكَ عَلٰٓى اِخْوَتِكَ فَيَكِيْدُوْا لَكَ كَيْدًا ۭ اِنَّ الشَّيْطٰنَ لِلْاِنْسَانِ عَدُوٌّ مُّبِيْنٌ ⑥

٦. انهيءَ چيو - اي منهنجا پيارا پٽ! (پنهن جو) اهو خواب پنهن جي ڀائرن وٽ نہ بيان ڪجانءِ نہ تہ اهي تنهنجي متعلق (ضرور)

غَيٰبَتِ الْجُبِّ يَلْتَقِطْهُ بَعْضُ السَّيَّارَةِ اِنْ كُنْتُمْ فٰعِلِيْنَ۝١١

جيڪڏهين توهان کي (ڪجهه) ڪرڻو (ئي) آهي تہ انهيءَ کي (ڪنهن) کوهہ جي تري ۾ اڇلائي ڇڏيو. ڪنهن قافلي جو ڪو شخص انهي کي (ڏسي) کڻي ويندو (۽ مارڻ ڪانسواءِ اوهانجو مقصد پورو ٿي ويندو.)

قَالُوْا يٰۤاَبَانَا مَا لَكَ لَا تَاْمَنَّا عَلٰى يُوْسُفَ وَاِنَّا لَهٗ لَنٰصِحُوْنَ۝١٢

١٢. (سو) انهن (پيءَ کي وچي) چيو، اي اسانجا پيءُ توهانکي (اسانجي متعلق) ڪهڙو (خدشو) آهي، جو يوسف جي متعلق توهان اسانتي ڀروسو نٿا ڪيو جيتوڻيڪ اسان انهيءَ سان (دلي) سچائي رکون ٿا.

اَرْسِلْهُ مَعَنَا غَدًا يَّرْتَعْ وَيَلْعَبْ وَاِنَّا لَهٗ لَحٰفِظُوْنَ۝١٣

١٣. سڀاڻي انهي کي اسان سان (سير لاءِ) موڪليو. اهو (اتي) آزاد کائيندو (پيئندو) ۽ کيڏندو ۽ اسان انهيءَ جي حفاظت ڪنداسين.

قَالَ اِنِّيْ لَيَحْزُنُنِيْۤ اَنْ تَذْهَبُوْا بِهٖ وَاَخَافُ اَنْ يَّاْكُلَهُ الذِّئْبُ وَاَنْتُمْ عَنْهُ غٰفِلُوْنَ۝١٤

١۴. انهيءَ (يعقوب) چيو توهانجو انهيءَ کي (پاڻ سان) وٺي وڃڻ مونکي يقينن فڪرمند ڪريٿو. ۽ مان (انهي ڳالهہ کان بہ) ڊڄان ٿو تہ ڪٿي اهڙي حالت ۾ جو توهان انهي کان غافل هجو، انهيءَ کي (ڪو) بگهڙ (ئي نہ اچي) کائي وڃي.

قَالُوْا لَئِنْ اَكَلَهُ الذِّئْبُ وَنَحْنُ عُصْبَةٌ اِنَّاۤ اِذًا لَّخٰسِرُوْنَ۝١٥

١٥. انهن چيو، جيڪڏهين انهي (ڳالهہ) جي باوجود (بہ) جو اسان هڪ مضبوط جماعت آهيون، انهيءَ کي بگهڙ کائي وڃي تہ (خدا جو قسم) انهي صورت ۾ اسان يقينن گهاٽي ۾ پوڻ وارا هونداسين.

فَلَمَّا ذَهَبُوْا بِهٖ وَاَجْمَعُوْۤا اَنْ يَّجْعَلُوْهُ فِيْ غَيٰبَتِ الْجُبِّ وَاَوْحَيْنَاۤ اِلَيْهِ لَتُنَبِّئَنَّهُمْ بِاَمْرِهِمْ هٰذَا وَهُمْ لَا يَشْعُرُوْنَ۝١٦

١٦. پوءِ جڏهين اهي انهي کي وٺي ويا، ۽ (وچي) انهيءَ کي (ڪنهن) اونهي کوهہ جي تري ۾ اڇلڻ جو متفق فيصلو ڪيو (تہ هيڏانهن انهن پنهنجو ارادو پورو ڪيو) ۽ (هوڏانهن) اسان هن ڏانهن وحي (جي ذريعي هي بشارت نازل) ڪئي تہ تون (محفوظ

چيو. اي (قافلي وارو! ڏسو) خوشخبري (ٻڌو! ۽ ڏسو مونکي) هي هڪ ڇوڪرو (مليو) آهي. ۽ انهن (يعني قافلي وارن) انهيءَ کي هڪ تجارتي مال سمجهندي لڪائي ڇڏيو ۽ جو ڪجهه اهي ڪندا هئا، انهيءَ کي الله تعاليٰ چڱي طرح جاتو ٿي.

وَشَرَوْهُ بِثَمَنٍۭ بَخْسٍ دَرَاهِمَ مَعْدُوْدَةٍ ۚ وَكَانُوْا فِيْهِ مِنَ الزّٰهِدِيْنَ ﴿٢١﴾ ع ٢ ١٢

٢١- ۽ (انهي کانپوءِ جڏهن يوسف جي ڀائرن کي يوسف جي پڪڙجي وڃڻ جو علم ٿيو ته) انهن انهيءَ کي (پنهنجو غلام ٻڌائي) ڪجهه ٿورڙي قيمت يعني چند درهمن جي عيوض (اِنهي قافلي وارن وٽ اُنهي کي) وڪڻي ڇڏيو ۽ اهي انهي (حقير قيمت) جا خواهشمند نه هئا.

وَقَالَ الَّذِي اشْتَرٰىهُ مِنْ مِّصْرَ لِامْرَاَتِهٖٓ اَكْرِمِيْ مَثْوٰىهُ عَسٰٓى اَنْ يَّنْفَعَنَآ اَوْ نَتَّخِذَهٗ وَلَدًا ۭ وَكَذٰلِكَ مَكَّنَّا لِيُوْسُفَ فِي الْاَرْضِ ۡ وَلِنُعَلِّمَهٗ مِنْ تَاْوِيْلِ الْاَحَادِيْثِ ۭ وَاللّٰهُ غَالِبٌ عَلٰٓي اَمْرِهٖ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿٢٢﴾

٢٢- ۽ مصر (جي باشندن) مان جنهن شخص انهيءَ کي خريد ڪيو. انهي پنهنجي زال کي چيو ته، هن جي رهائش جي جاءِ باعزت ٻاهه اميد آهي ته هي (ڇوڪرو) اسان لاءِ فائدو پهچائيندڙ (ثابت) ٿيندو يا اسان هن کي (پنهنجو) پٽ (ئي) بنائينداسين ۽ اهڙي طرح اسان يوسف کي انهي ملڪ ۾ (قدر ۽) عزت بخشي ۽ (اسان انهيءَ کي اهو عزت جو مقام) انهيءَ ڪري (ٻه ڏنو) انهي لاءِ ته اسان رويا جي تعبير جي حقيقت جو علم انهي کي ڏيون ۽ الله پنهنجي ڳالهه (کي پورو ڪرڻ) تي (ڪامل) قوت رکيندڙ پر اڪثر ماڻهو انهي (حقيقت کي) نه ٿا جاڻن.

وَلَمَّا بَلَغَ اَشُدَّهٗٓ اٰتَيْنٰهُ حُكْمًا وَّعِلْمًا ۭ وَكَذٰلِكَ نَجْزِي الْمُحْسِنِيْنَ ﴿٢٣﴾

٢٣- ۽ جڏهن اهو پنهنجي قوت (۽ مضبوطي) جي عمر کي پهتو ته اسان انهيءَ کي فيصلي (ڪرڻ جي دانائي) ۽ (خاص) علم بخشيو ۽ (حقيقي) نيڪو ڪارن کي

اسان اهڙي طرح بدلو ڏيندا آهيون.

وَرَاوَدَتْهُ الَّتِي هُوَ فِي بَيْتِهَا عَن نَّفْسِهِ وَغَلَّقَتِ الْأَبْوَابَ وَقَالَتْ هَيْتَ لَكَ ۚ قَالَ مَعَاذَ اللَّهِ ۖ إِنَّهُ رَبِّي أَحْسَنَ مَثْوَايَ ۖ إِنَّهُ لَا يُفْلِحُ الظَّالِمُونَ ﴿٢٣﴾

٢٣- ۽ جنهن (عورت) جي گهر ۾، اهو (رهندو) هو، انهيءَ هن کان سندس مرضي جي خلاف (هڪ) فعل ڪرائڻ چاهيو - ۽ (انهيءَ جاءِ جا) سڀ دروازا بند ڪري ڇڏيا. ۽ چيائين (مون ڏانهن) اچ.انهيءَ چيو (مان انئين ڪرڻ کان) الله جي پناهه (گهرانئو). اهو يقينن منهنجو رب آهي انهي (ئي) منهنجي رهائش جي جڳهه سٺي ٺاهي آهي. ڳالهه هيءَ آهي تہ ظالم ڪامياب نہ ٿيندا آهن.

وَلَقَدْ هَمَّتْ بِهِ ۖ وَهَمَّ بِهَا لَوْلَا أَن رَّأَىٰ بُرْهَانَ رَبِّهِ ۚ كَذَٰلِكَ لِنَصْرِفَ عَنْهُ السُّوءَ وَالْفَحْشَاءَ ۚ إِنَّهُ مِنْ عِبَادِنَا الْمُخْلَصِينَ ﴿٢٤﴾

٢٥- ۽ انهيءَ (عورت) هن جي متعلق (پنهنجو) ارادو پختو ڪري ورتو ۽ هن (يوسف) بہ انهيءَ باري ۾ (پنهنجو) ارادو (يعني انهيءَ کان محفوظ رهڻ جو) پختو ڪري ورتو (۽) جيڪڏهين هن پنهنجي رب جو روشن نشان نہ ڏٺو هجي ها (تہ هو اهڙو عزم نہ ڪري سگهي ها) اهڙيءَ ريت (ٿيو) انهيءَ لاءِ تہ اسان هن کان (هر هڪ) بدي ۽ بي حيائيءَ (جي ڳالهہ) پري ڪري ڇڏيون (۽) هو يقينن اسانجي خالص (۽ پاڪ ڪيل) ٻانهن مان هو.

وَاسْتَبَقَا الْبَابَ وَقَدَّتْ قَمِيصَهُ مِن دُبُرٍ وَأَلْفَيَا سَيِّدَهَا لَدَى الْبَابِ ۚ قَالَتْ مَا جَزَاءُ مَنْ أَرَادَ بِأَهْلِكَ سُوءًا إِلَّا أَن يُسْجَنَ أَوْ عَذَابٌ أَلِيمٌ ﴿٢٥﴾

٢٦- ۽ اهي ٻئي، دروازي جي طرف ڀڳا ۽ انهي (ڇڪتاڻ ۾ انهي عورت) انهيءَ جي پهراڻ کي پٺيان ڦاڙي ڇڏيو ۽ (جڏهن اهي دروازي تائين پهتا تہ) انهن انهي (عورت) جي مڙس کي، دروازي وٽ (بيٺل) ڏٺو (جنهن تي) انهي (عورت) (پنهنجي خاوندکي) چيو جيڪو (شخص) توهان جي اهل سان بدي (ڪرڻ) چاهي - انهيءَ جي سزا

سواء انهي جي (ڪجهه) نه (هئڻ گهرجي) جو انهيءَ کي قيد ڪيو وڃي يا (انهيءَ کي) ڪو ٻيو دردناڪ عذاب (ڏنو وڃي).

قَالَ هِيَ رَاوَدَتْنِيْ عَنْ نَّفْسِيْ وَشَهِدَ شَاهِدٌ مِّنْ اَهْلِهَا ۚ اِنْ كَانَ قَمِيْصُهٗ قُدَّ مِنْ قُبُلٍ فَصَدَقَتْ وَ هُوَ مِنَ الْكٰذِبِيْنَ ﴿٢٦﴾

٢٧. انهي (يعني يوسف) چيو (ڳالهه اها نه آهي پر) انهي مون کان منهنجي مرضي جي خلاف (هڪ) فعل ڪرائڻ چاهيو ٿي ۽ انهي عورت جي گهراڻي مان، هڪ شاهد، شاهدي ڏني (ته هن عورت جا ڪپڙا صحيح سلامت آهن ۽ هن ماڻهو جو پهراڻ تازو ڦاٽل آهي پوءِ) جيڪڏهين هن جو پهراڻ اڳيان ڦاڙيو ويو آهي، ته انهي عورت سچ ڳالهايو آهي ۽ اهو (ماڻهو) يقينن ڪوڙو آهي.

وَاِنْ كَانَ قَمِيْصُهٗ قُدَّ مِنْ دُبُرٍ فَكَذَبَتْ وَهُوَ مِنَ الصّٰدِقِيْنَ ﴿٢٧﴾

٢٨. ۽ جيڪڏهن هن (مرد) جو پهراڻ پويان ڦاڙيو ويو آهي ته هن (عورت) ڪوڙ ڳالهايو آهي ۽ اهو (مرد) يقينن سچو آهي.

فَلَمَّا رَاٰ قَمِيْصَهٗ قُدَّ مِنْ دُبُرٍ قَالَ اِنَّهٗ مِنْ كَيْدِكُنَّ ۚ اِنَّ كَيْدَكُنَّ عَظِيْمٌ ﴿٢٨﴾

٢٩. پوءِ جڏهن هن (جي خاوند) انهيءَ (يعني يوسف جي) پهراڻ کي ڏٺو ته پويان ڦاڙيو ويو آهي ته انهي (پنهنجي زال کي) چيو هي (جهڳڙو) يقينن تنهن جي چالاڪيءَ سان (پيدا ٿيو) آهي. توهان عورتن جي چالاڪي تمام (وڏي) هوندي آهي.

يُوْسُفُ اَعْرِضْ عَنْ هٰذَا ٚ وَاسْتَغْفِرِيْ لِذَنْۢبِكِ ۚ اِنَّكِ كُنْتِ مِنَ الْخٰطِـِٕيْنَ ﴿٢٩﴾ ع

٣٠. اي يوسف! تون هن (عورت جي شرارت) کان چشم پوشي ڪر ۽ تون (اي عورت) پنهنجي ڏوهه جي بخشش طلب ڪر. يقينن تون ظالمن (۽ خطا ڪارن) مان آهين.

وَقَالَ نِسْوَةٌ فِي الْمَدِيْنَةِ امْرَاَتُ الْعَزِيْزِ تُرَاوِدُ فَتٰىهَا عَنْ نَّفْسِهٖ ۚ قَدْ شَغَفَهَا حُبًّا ۭ اِنَّا لَنَرٰىهَا فِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ ﴿٣٠﴾

٣١. ۽ انهي شهر جي ڪن عورتن (هڪ ٻئي کي) چيو (ته) عزيز جي عورت پنهن جي غلام کان انهيءَ جي مرضيءَ جي خلاف (برو) فعل ڪرائڻ چاهي ٿي (۽) انهيءَ جي محبت انهيءَ جي دل جي گهراين ۾ گهر ڪري

ورتو آهي. اسان (هن معامليءَ ۾) انهيءَ کي ظاهر (ظهور) غلطيءَ تي ڏسون ٿيون.

فَلَمَّا سَمِعَتْ بِمَكْرِهِنَّ اَرْسَلَتْ اِلَيْهِنَّ وَاَعْتَدَتْ لَهُنَّ مُتَّكَاً وَّاٰتَتْ كُلَّ وَاحِدَةٍ مِّنْهُنَّ سِكِّيْنًا وَّ قَالَتِ اخْرُجْ عَلَيْهِنَّ ۚ فَلَمَّا رَاَيْنَهٗۤ اَكْبَرْنَهٗ وَقَطَّعْنَ اَيْدِيَهُنَّ وَقُلْنَ حَاشَ لِلّٰهِ مَا هٰذَا بَشَرًا ؕ اِنْ هٰذَاۤ اِلَّا مَلَكٌ كَرِيْمٌ ﴿٣١﴾

٣٢. ۽ جڏهن انهيءَ انهن جي انهن ڳالهين جي خبر ٻڌي تہ انهن کي (دعوت جو) پيغام موڪليو ۽ انهن جي لاءِ هڪ (خاص) مسند تيار ڪئي ۽ (جڏهن اهي آيون تہ) انهن مان هر هڪ کي (ڪاڏي جي ڪپڻ لاءِ هڪ هڪ) ڇري ڏني ۽ (يوسف کي) چيو (تہ) انهن جي سامهون اچ. پوءِ جڏهن انهن انهيءَ کي ڏٺو تہ انهيءَ کي (تمام) وڏي شان وارو انسان ڏٺو. ۽ (انهيءَ کي ڏسي حيرت مان) پنهنجا هٿ ڪپيا ۽ چيائون (تہ هي شخص محض) الله جي خاطر (بدي جي ارتڪاب کان) ڊنو آهي هي بشر(آهي ئي) ڪونہ. هيءَ (تہ) هڪ معزز فرشتو آهي.

قَالَتْ فَذٰلِكُنَّ الَّذِيْ لُمْتُنَّنِيْ فِيْهِ ؕ وَلَقَدْ رَاوَدْتُّهٗ عَنْ نَّفْسِهٖ فَاسْتَعْصَمَ ؕ وَلَئِنْ لَّمْ يَفْعَلْ مَاۤ اٰمُرُهٗ لَيُسْجَنَنَّ وَلَيَكُوْنًا مِّنَ الصّٰغِرِيْنَ ﴿٣٢﴾

٣٣. (انهيءَ تي) انهيءَ (عورت) انهن کي چيو. هي اهوئي (شخص) آهي جنهن جي متعلق توهان مونتي ملامت ڪئي آهي ۽ مون هن سان هن جي مرضي جي خلاف (هڪ برو) فعل ڪرائڻ جي ڪوشش ضرور ڪئي هئي (پر) انهيءَ هوندي (بہ) هي بچي ويو. ۽ جيڪڏهن هن اها ڳالهہ جنهن لاءِ مان هن کي حڪم ڪيان ٿي. نہ ڪئي تہ يقينن هن کي قيد ڪيو ويندو ۽ يقينن اهو ذليل ٿيندو.

قَالَ رَبِّ السِّجْنُ اَحَبُّ اِلَيَّ مِمَّا يَدْعُوْنَنِيْۤ اِلَيْهِ ۚ وَاِلَّا تَصْرِفْ عَنِّيْ كَيْدَهُنَّ اَصْبُ اِلَيْهِنَّ وَاَكُنْ مِّنَ الْجٰهِلِيْنَ ﴿٣٣﴾

٣٤. (هي ٻڌي) انهيءَ (دعا ڪندي) چيو (تہ) اي منهن جا رب! جنهن ڳالهہ ڏانهن هوءِ مونکي سڏين ٿيون انهيءَ جي نسبت قيدخاني ۾ وڃڻ مونکي وڌيڪ پسند آهي. ۽ جيڪڏهن انهن جي تدبير (جي بدنتيجي) کي تون مون کان نہ ٽاريندين تہ مان انهن

جي طرف جهڪي ويندس ۽ جاهلن مان ٿي ويندس.

فَاسْتَجَابَ لَهٗ رَبُّهٗ فَصَرَفَ عَنْهُ كَيْدَهُنَّ ۗ اِنَّهٗ هُوَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ ﴿٣٥﴾

٣٥- پوءِ انهيءَ جي رب انهيءَ جي دعا ٻڌي ۽ انهن جي تدبير (جي بد نتيجي) کي انهيءَ کان ٽاري ڇڏيو. يقينن اهوئي آهي جيڪو ڏاڍو (دعائون) ٻڌڻ وارو (۽ مائهن جي حالتن) کي چڱي طرح ڄاڻڻ وارو آهي.

ثُمَّ بَدَا لَهُمْ مِّنْۢ بَعْدِ مَا رَاَوُا الْاٰيٰتِ لَيَسْجُنُنَّهٗ حَتّٰى حِيْنٍ ﴿٣٦﴾ ع ٤ ١٤

٣٦- پوءِ انهن (مائهن) جي (يعني قوم جي سردارن جي) (انهن) آثارن کي ڏسڻ کان پوءِ (هي) راءِ بيٺي تہ (بدناميءَ کي دور ڪرڻ لاءِ) اهي انهيءَ کي (گهڻ ۾ گهڻ) ڪجهہ وقت لاءِ ضرور قيد ڪن.

وَدَخَلَ مَعَهُ السِّجْنَ فَتَيٰنِ ۗ قَالَ اَحَدُهُمَآ اِنِّيْٓ اَرٰىنِيْٓ اَعْصِرُ خَمْرًا ۚ وَقَالَ الْاٰخَرُ اِنِّيْٓ اَرٰىنِيْٓ اَحْمِلُ فَوْقَ رَاْسِيْ خُبْزًا تَاْكُلُ الطَّيْرُ مِنْهُ ۗ نَبِّئْنَا بِتَاْوِيْلِهٖ ۚ اِنَّا نَرٰىكَ مِنَ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿٣٧﴾

٣٧- ۽ قيد خاني ۾ انهيءَ سان ٻہ ٻيا جوان (بہ) داخل ٿيا جن مان هڪ (تہ انهيءَ کي هينئن) چيو (تہ) مان (خواب ۾) پاڻ کي (هن حالت ۾) ڏسان ٿو تہ مان انگور نپوڙي رهيو آهيان. ۽ ٻئي چيو (تہ) مان (خواب ۾) پنهن جي پاڻ کي (هن حالت ۾) ڏسان ٿو تہ مان پنهن جي مٿي تي مانيون کنيو بيٺو آهيان جنهن مان پکي کائي رهيا آهن. (۽ انهن ٻنهي انهيءَ کي چيو تہ توهان اسان کي انهيءَ جي حقيقت کان آگاهہ ڪيو. اسان توهان کي يقينن نيڪو ڪارن مان سمجهون ٿا.

قَالَ لَا يَاْتِيْكُمَا طَعَامٌ تُرْزَقٰنِهٖٓ اِلَّا نَبَّاْتُكُمَا بِتَاْوِيْلِهٖ قَبْلَ اَنْ يَّاْتِيَكُمَا ۭ ذٰلِكُمَا مِمَّا عَلَّمَنِيْ رَبِّيْ ۭ اِنِّيْ تَرَكْتُ مِلَّةَ قَوْمٍ لَّا يُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ وَهُمْ بِالْاٰخِرَةِ هُمْ كٰفِرُوْنَ ﴿٣٨﴾

٣٨- انهيءَ چيو تہ هن وقت جو کاڌو اڃا نہ ايندو تہ مان توهان کي انهيءَ جي اچڻ کان پهريائين هن (خواب) جي حقيقت ٻڌائي ڇڏيندس. هي (رويا جي تعبير جي اهليت مون ۾) هن سبب جي ڪري آهي جو منهن جي رب مون کي علم بخشيو آهي. مون انهن

ماڻهن جي دين کي جيڪي الله تي ايمان نہ
ٿا رکن ۽ اهي آخرت جا (بہ) منڪر آهن
ڇڏي ڏنو آهي.

وَاتَّبَعْتُ مِلَّةَ اٰبَآءِيْٓ اِبْرٰهِيْمَ وَاِسْحٰقَ وَيَعْقُوْبَ ۭ
مَا كَانَ لَنَآ اَنْ نُّشْرِكَ بِاللّٰهِ مِنْ شَيْءٍ ۭ ذٰلِكَ مِنْ
فَضْلِ اللّٰهِ عَلَيْنَا وَعَلَى النَّاسِ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ
لَا يَشْكُرُوْنَ ﴿٣٩﴾

٣٩- ۽ مون پنهن جي ابن ڏاڏن يعني ابراهيم
۽ اسحاق ۽ يعقوب جي طريقي جي پيروي
اختيار ڪئي آهي. اسان کي ڪنهن شيءِ کي
بہ الله جي شريڪ ٺاهڻ جو حق نہ آهي هي
(توحيد جي تعليم ملڻ) اسان تي ۽ ٻين
ماڻهن تي الله جو (انهن جي خاص فضلن
مان) هڪ فضل آهي، پر اڪثر ماڻهو (انهيءَ
جي احسانن جو) شڪر نہ ٿا ڪن.

يٰصَاحِبَيِ السِّجْنِ ءَاَرْبَابٌ مُّتَفَرِّقُوْنَ خَيْرٌ اَمِ
اللّٰهُ الْوَاحِدُ الْقَهَّارُ ﴿٤٠﴾

٤٠- اي منهنجا قيد خاني جا ٻني سائيو! ڇا
(هڪ ٻني سان) اختلاف رکڻ وارا خدا بهتر
آهن يا الله جيڪو اڪيلو (۽) ڪامل غلبو
رکڻ وارو آهي؟

مَا تَعْبُدُوْنَ مِنْ دُوْنِهٖٓ اِلَّآ اَسْمَآءً سَمَّيْتُمُوْهَآ
اَنْتُمْ وَاٰبَآؤُكُمْ مَّآ اَنْزَلَ اللّٰهُ بِهَا مِنْ سُلْطٰنٍ ۭ اِنِ
الْحُكْمُ اِلَّا لِلّٰهِ ۭ اَمَرَ اَلَّا تَعْبُدُوْٓا اِلَّآ اِيَّاهُ ۭ ذٰلِكَ
الدِّيْنُ الْقَيِّمُ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿٤١﴾

٤١- توهان انهيءَ کي ڇڏي سواءِ چند
(فرضي) نالن جي جيڪي (خود) توهان ۽
توهان جي ابن ڏاڏن بنائي رکيا آهن (۽) جن
بابت الله (توهان جي تائيد ۾) ڪابہ حجت
نہ لاٿي (ڪنهن جي) عبادت نہ ٿا ڪيو
(ياد رکو) فيصلو ڪرڻ الله کانسواءِ ڪنهن
جي اختيار ۾ نہ آهي (۽) هن هيءُ حڪم ڏنو
آهي تہ توهان انهيءَ کانسواءِ ڪنهن جي
بہ عبادت نہ ڪريو. اهوئي صحيح مذهب
آهي پر اڪثر ماڻهو ڄاڻن نٿا.

يٰصَاحِبَيِ السِّجْنِ اَمَّآ اَحَدُكُمَا فَيَسْقِيْ رَبَّهٗ خَمْرًا ۚ
وَاَمَّا الْاٰخَرُ فَيُصْلَبُ فَتَاْكُلُ الطَّيْرُ مِنْ رَّاْسِهٖ ۭ
قُضِيَ الْاَمْرُ الَّذِيْ فِيْهِ تَسْتَفْتِيٰنِ ﴿٤٢﴾

٤٢- اي منهنجي قيد خاني جا ٻني سائيو!
(هاڻي پنهن جي پنهن جي خواب جي تعبير
ٻڌو) توهان مان هڪ تہ پنهنجي آقا کي
شراب پياريندو رهندو ۽ ٻئي کي سوريءَ تي
چاڙهي ماريو ويندو پوءِ پکي انهيءَ جي مٿي

تان (گوشت وغيره) کائيندا (ڏسو) جنهن ڳالهه جي باري ۾ توهان پڇي رهيا آهيو انهيءَ جو فيصلو ڪيو ويو آهي.

وَقَالَ لِلَّذِىۡ ظَنَّ اَنَّهٗ نَاجٍ مِّنۡهُمَا اذۡكُرۡنِىۡ عِنۡدَ رَبِّكَ فَاَنۡسٰهُ الشَّيۡطٰنُ ذِكۡرَ رَبِّهٖ فَلَبِثَ فِى السِّجۡنِ بِضۡعَ سِنِيۡنَ ﴿۴۲﴾

ع ۵ ۱۵

۴۲- ۽ انهن مان انهيءَ کي جنهن جي متعلق انهي اهو سمجهيو هو تہ آزادي حاصل ڪرڻ وارو آهي.انهيءَ چيو (تہ) پنهن جي آقا وٽ منهن جو (بہ) ذڪر ڪجانءِ پوءِ شيطان انهيءَ (آزاد ٿيل قيديءَ) کي انهيءَ جي آقا سان (اهو) ذڪر ڪرڻ وساري ڇڏيو ۽ اهو (يعني يوسف) ڪيترا سال قيدخاني ۾ (پيو) رهيو.

وَقَالَ الۡمَلِكُ اِنِّىۡۤ اَرٰى سَبۡعَ بَقَرٰتٍ سِمَانٍ يَّاۡكُلُهُنَّ سَبۡعٌ عِجَافٌ وَّسَبۡعَ سُنۡۢبُلٰتٍ خُضۡرٍ وَّاُخَرَ يٰبِسٰتٍ‌ؕ يٰۤاَيُّهَا الۡمَلَاُ اَفۡتُوۡنِىۡ فِىۡ رُءۡيَاىَ اِنۡ كُنۡتُمۡ لِلرُّءۡيَا تَعۡبُرُوۡنَ ﴿۴۳﴾

۴۴- ۽ (ڪجهه عرصي ڪانپوءِ) بادشاهه (پنهنجي درٻارين کي) چيو (تہ) مان (خواب ۾) ست متاريون ڳئون ڏسان ٿو جن کي ست ڏٻريون (ڳئون) کائي رهيون آهن ۽ ست (تر ۽ تازا ۽) ساوا سنگ (ڏسان ٿو) ۽ ڪجهه ٻيا (سنگ بہ جيڪي) خشڪ (آهن) اي سردارو! جي ڪڏهن توهان خواب جي تعبير (ڪندا) آهيو تہ مونکي منهنجي (هن) خواب جي باري ۾ صحيح حڪم ٻڌايو.

قَالُوۡۤا اَضۡغَاثُ اَحۡلَامٍ‌ۚ وَمَا نَحۡنُ بِتَاۡوِيۡلِ الۡاَحۡلَامِ بِعٰلِمِيۡنَ ﴿۴۴﴾

۴۵- انهن چيو (تہ هيءَ تہ) پريشان خواب آهن ۽ اسان (ماڻهو) اهڙن خراب خوابن جي حقيقت نہ ٿا ڄاڻون.

وَقَالَ الَّذِىۡ نَجَا مِنۡهُمَا وَادَّكَرَ بَعۡدَ اُمَّةٍ اَنَا اُنَبِّئُكُمۡ بِتَاۡوِيۡلِهٖ فَاَرۡسِلُوۡنِ ﴿۴۵﴾

۴۶- ۽ انهن (ٻن قيدين) مان انهيءَ جنهنکي آزادي ملي هئي ۽ (جنهن) هڪ عرصي ڪانپوءِ (يوسف سان جو انهيءَ جو معاملو گذريو هئو انهيءَ کي) ياد ڪيو. چيو (تہ) مان توهان کي انهيءَ جي حقيقت کان آگاهه ڪندس - پوءِ توهان (انهيءَ جي حقيقت

دريافت ڪرڻ لاءِ) مون کي موڪليو.

يُوْسُفُ اَيُّهَا الصِّدِّيْقُ اَفْتِنَا فِيْ سَبْعِ بَقَرٰتٍ سِمَانٍ يَّاْكُلُهُنَّ سَبْعٌ عِجَافٌ وَّسَبْعِ سُنْۢبُلٰتٍ خُضْرٍ وَّاُخَرَ يٰبِسٰتٍ ۙ لَّعَلِّيْۤ اَرْجِعُ اِلَى النَّاسِ لَعَلَّهُمْ يَعْلَمُوْنَ ۝٤٧

٤٧. (۽ انهيءَ يوسف کي وڃي چيو تہ) اي يوسف! (هائو) اي سچار! اسانکي انهن ستن متارين ڳئن (کي رويا ۾ ڏسڻ) جي متعلق جنکي ست ڏٻريون (ڳئون) کائي وڃن ۽ (پڻ) ستن ساون سنگن ۽ (انهن جي مقابلي ۾) چند خشڪ (سنگن کي ڏسڻ) جي متعلق تشريح ٻڌايو انهيءَ لاءِ تہ مان انهن ماڻهن وٽ وڃان تہ انهن کي (خواب جي تعبير جو) علم ٿي وڃي.

قَالَ تَزْرَعُوْنَ سَبْعَ سِنِيْنَ دَاَبًا ۚ فَمَا حَصَدْتُّمْ فَذَرُوْهُ فِيْ سُنْۢبُلِهٖۤ اِلَّا قَلِيْلًا مِّمَّا تَاْكُلُوْنَ ۝٤٨

٤٨. انهيءَ چيو (تہ) توهان ست سال لڳاتار جدوجهد سان پوک (جو ڪم) ڪندؤ پوءِ (انهيءَ عرصي ۾) جيڪي (ڪجهہ) توهان لڻو، انهيءَ (سموري) کي سواءِ (انهيءَ) ٿورڙي حصي جي جيڪو توهان کائو، انهيءَ جي سنگن ۾ (ئي) رهڻ ڏيو.

ثُمَّ يَاْتِيْ مِنْۢ بَعْدِ ذٰلِكَ سَبْعٌ شِدَادٌ يَّاْكُلْنَ مَا قَدَّمْتُمْ لَهُنَّ اِلَّا قَلِيْلًا مِّمَّا تُحْصِنُوْنَ ۝٤٩

٤٩. پوءِ انهيءَ کانپوءِ ست سخت (تنگي جا سال) ايندا (۽) سواءِ انهيءَ ٿوري مقدار جي جنهن کي توهان بچائي رکو. انهيءَ (سموري اناج) کي جيڪو توهان انهن لاءِ پهرين ئي جمع ڪري ڇڏيو هوندو کائي ويندا.

ثُمَّ يَاْتِيْ مِنْۢ بَعْدِ ذٰلِكَ عَامٌ فِيْهِ يُغَاثُ النَّاسُ وَفِيْهِ يَعْصِرُوْنَ ۝٥٠ ع

٥٠. پوءِ انهيءَ کان پوءِ هڪ (اهڙو) سال ايندو جنهن ۾ ماڻهن جو فرياد ٻڌو ويندو ۽ اهي (خوشحال) ٿي ويندا ۽ انهيءَ حالت ۾ هڪ ٻئي کي تحفا ڏيندا.

وَقَالَ الْمَلِكُ ائْتُوْنِيْ بِهٖ ۚ فَلَمَّا جَآءَهُ الرَّسُوْلُ قَالَ ارْجِعْ اِلٰى رَبِّكَ فَسْـَٔلْهُ مَا بَالُ النِّسْوَةِ الّٰتِيْ قَطَّعْنَ اَيْدِيَهُنَّ ؕ اِنَّ رَبِّيْ بِكَيْدِهِنَّ عَلِيْمٌ ۝٥١

٥١. ۽ بادشاهہ (اها ڳالهہ ٻڌي انهن کي) چيو (تہ) توهان انهيءَ کي مون وٽ وٺي اچو. پوءِ جڏهن (بادشاهہ جو) پيغام پهچائيندڙ انهيءَ وٽ آيو تہ انهيءَ (يعني يوسف انهيءَ کي) چيو (تہ) تون پنهنجي

آقا وٽ واپس وڃ ۽ انهيءَ کان پڇ تہ جن عورتن پنهنجا هٿ وڍيا هئا انهن جي (هن وقت) ڪهڙي حالت آهي. منهنجو رب انهن جي منصوبي کي يقينن چڱيءَ طرح ڄاڻڻ وارو آهي.

قَالَ مَا خَطْبُكُنَّ إِذْ رَاوَدتُّنَّ يُوسُفَ عَن نَّفْسِهِ ۚ قُلْنَ حَاشَ لِلَّهِ مَا عَلِمْنَا عَلَيْهِ مِن سُوءٍ ۚ قَالَتِ امْرَأَتُ الْعَزِيزِ الْآنَ حَصْحَصَ الْحَقُّ أَنَا رَاوَدتُّهُ عَن نَّفْسِهِ وَإِنَّهُ لَمِنَ الصَّادِقِينَ ۝٥١

٥٢. (هي پيغام ٻڌي) انهيءَ (يعني بادشاهہ) انهن (عورتن) کي چيو (تہ) توهان جو (اهو) معاملو جڏهن تہ توهان يوسف کان انهيءَ جي مرضيءَ جي خلاف (هڪ برو) فعل ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي (اصل ۾) ڇا هئو. انهن چيو تہ اهو الله جي خاطر (بديءَ جي ارتڪاب کان) ڏنو هو . (۽) اسان انهيءَ ۾ ڪابہ برائي (جي ڳالهہ) نہ ڏٺي هئي. (هيءَ ٻڌي) عزيز جي زال چيو (تہ) هاڻي سچائي بلڪل ظاهر ٿي وئي آهي. مون (ئي) انهيءَ کي سندس مرضيءَ خلاف (برو) فعل ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي ۽ اهو يقينن سچن مان آهي.

ذَٰلِكَ لِيَعْلَمَ أَنِّي لَمْ أَخُنْهُ بِالْغَيْبِ وَأَنَّ اللَّهَ لَا يَهْدِي كَيْدَ الْخَائِنِينَ ۝٥٢

٥٣. (۽ يوسف انهيءَ کي هيءَ بہ چيو تہ) هي (ڳالهہ مون) انهيءَ ڪري چئي آهي تہ انهيءَ کي (يعني عزيز کي) علم ٿي وڃي تہ مون (انهيءَ جي) غير موجودگي ۾ انهيءَ جي حق ۾ خيانت نہ ڪئي ۽ اهو تہ (منهن جو ايمان آهي تہ) خيانت ڪرڻ وارن جي تدبير کي الله ڪامياب نہ ٿو ڪري.

وَمَآ أُبَرِّئُ نَفْسِيْ ۚ إِنَّ النَّفْسَ لَأَمَّارَةٌۢ بِالسُّوْٓءِ إِلَّا مَا رَحِمَ رَبِّيْ ۚ إِنَّ رَبِّيْ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿٥٣﴾

٥٤. ۽ مان پنهنجي نفس کي (هر قسم جي غلطي کان) آزاد نہ ٿو سمجهان ڇو تہ (انساني) نفس سواءِ انهيءَ جي جنهن تي منهن جو رب رحم ڪري برين ڳالهين جي حڪم ڏيڻ تي ڏاڍو دلير آهي منهن جو رب (ڪمزورين تي) ڏاڍو پردو وجهڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي.

وَقَالَ الْمَلِكُ ائْتُوْنِيْ بِهٖٓ أَسْتَخْلِصْهُ لِنَفْسِيْ ۚ فَلَمَّا كَلَّمَهٗ قَالَ إِنَّكَ الْيَوْمَ لَدَيْنَا مَكِيْنٌ أَمِيْنٌ ﴿٥٤﴾

٥٥. ۽ بادشاهہ حڪم ڏنو تہ انهيءَ کي (يعني يوسف کي) مون وٽ آڻيو انهيءَ لاءِ تہ مان انهيءَ کي پنهنجي (خاص ڪمن) لاءِ منتخب ڪيان جڏهين (يوسف آيو ۽) انهيءَ (يعني بادشاه) انهيءَ سان ڳالهہ ٻولهہ ڪئي تہ (انهيءَ کي هر طرح قابل سمجهي هيئن) چيائين تہ تون اڄ (کان) اسان وٽ معزز مرتبي وارو. (۽) قابل اعتماد ماڻهو (شمار) ٿيندين.

قَالَ اجْعَلْنِيْ عَلٰى خَزَآئِنِ الْأَرْضِ ۚ إِنِّيْ حَفِيْظٌ عَلِيْمٌ ﴿٥٥﴾

٥٦. (انهيءَ تي يوسف) چيو تہ مونکي ملڪ جي خزانن تي آفيسر مقرر ڪيو ڇو جو مان يقينن (خزانن) جي بهترين حفاظت ڪرڻ وارو ۽ (انهن جي خرچ جي سببن کي) چڱيءَ طرح سمجهڻ وارو آهيان.

وَكَذٰلِكَ مَكَّنَّا لِيُوْسُفَ فِي الْأَرْضِ ۚ يَتَبَوَّأُ مِنْهَا حَيْثُ يَشَآءُ ۚ نُصِيْبُ بِرَحْمَتِنَا مَنْ نَّشَآءُ وَلَا نُضِيْعُ أَجْرَ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿٥٦﴾

٥٧. ۽ اهڙيءَ طرح (مناسب حالتون پيدا ڪري) اسان يوسف کي (انهيءَ) ملڪ ۾ هڪ با اختيار عهدو عطا ڪيو اهو (پنهنجي مرضيءَ جي مطابق) جتي (بہ) چاهيندو هو ترسندو هو. اسان جنهن کي چاهيندا آهيون (هن دنيا ۾ ئي) پنهنجي رحمت مان (حصو) ڏيندا آهيون اسان نيڪو ڪارن جو اجر ضائع نہ ڪندا آهيون.

وَلَأَجْرُ الْآخِرَةِ خَيْرٌ لِّلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَكَانُوْا يَتَّقُوْنَ ﴿٥٧﴾ ع

٥٨. ۽ (هن دنيوي اجر کانسواءِ) آئيندي

(زندگيءَ) جو بدلو ايمان آڻڻ وارن ۽ الله جي تقويٰ اختيار ڪرڻ وارن لاءِ (گهڻو) وڏيڪ هوندو.

وَجَآءَ اِخْوَةُ يُوْسُفَ فَدَخَلُوْا عَلَيْهِ فَعَرَفَهُمْ وَهُمْ لَهٗ مُنْكِرُوْنَ ۝٥٩

٥٩. ۽ (انهيءَ ڏڪر جي زماني ۾) يوسف جا ڀائر (بہ انهيءَ ملڪ ۾) آيا ۽ انهيءَ جي حضور ۾ حاضر ٿيا ۽ انهيءَ انهن کي ڏسندي ئي) سڃاڻي ورتو پر هو انهيءَ کي نہ سڃاڻي سگهيا.

وَلَمَّا جَهَّزَهُمْ بِجَهَازِهِمْ قَالَ ائْتُوْنِيْ بِاَخٍ لَّكُمْ مِّنْ اَبِيْكُمْ اَلَا تَرَوْنَ اَنِّيْٓ اُوْفِي الْكَيْلَ وَاَنَا خَيْرُ الْمُنْزِلِيْنَ ۝٦٠

٦٠. ۽ جڏهين انهيءَ انهنکي انهن جو سامان ڏئي (واپسيءَ لاءِ) تيار ڪيو تہ (انهن کي) چيو (تہ) توهان جي والد جي طرفان جيڪو توهان جو هڪ ڀاءُ آهي (هن دفعي) انهيءَ کي (بہ پاڻ سان) مون وٽ آڻجو. ڇا توهان ڏسو نہ ٿا تہ مان ماپ پوري ڏيان ٿو ۽ (پڻ) مان مهمان نوازن ۾ بهترين (مهمان نواز) آهيان.

فَاِنْ لَّمْ تَاْتُوْنِيْ بِهٖ فَلَا كَيْلَ لَكُمْ عِنْدِيْ وَلَا تَقْرَبُوْنِ ۝٦١

٦١. ۽ جيڪڏهين توهان انهيءَ کي مون وٽ نہ آندو تہ (سمجهو تہ) مون وٽ توهان کي توري ڏيڻ لاءِ ڪجهہ نہ هوندو ۽ (انهيءَ صورت ۾) توهان منهن جي ويجهو نہ اچجو.

قَالُوْا سَنُرَاوِدُ عَنْهُ اَبَاهُ وَاِنَّا لَفٰعِلُوْنَ ۝٦٢

٦٢. انهن چيو, اسان ضرور انهيءَ جي متعلق انهيءَ جي پيءُ کي راضي ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسين ۽ اسان يقيناً (اهو ڪم ڪري رهنداسين).

وَقَالَ لِفِتْيٰنِهِ اجْعَلُوْا بِضَاعَتَهُمْ فِيْ رِحَالِهِمْ لَعَلَّهُمْ يَعْرِفُوْنَهَآ اِذَا انْقَلَبُوْٓا اِلٰٓى اَهْلِهِمْ لَعَلَّهُمْ يَرْجِعُوْنَ ۝٦٣

٦٣. ۽ انهيءَ پنهن جي غلامن کي چيو تہ انهن جي موڙي (واپس) انهن جي بورن ۾ رکي ڇڏيو. شايد جڏهن اهي موٽي پنهن گهر وارن وٽ وڃن تہ انهيءَ (احسان) کي مڃين (۽) شايد اهي (انهيءَ سبب سان) وري واپس اچن.

فَلَمَّا رَجَعُوْٓا اِلٰٓى اَبِيْهِمْ قَالُوْا يٰٓاَبَانَا مُنِعَ مِنَّا الْكَيْلُ فَاَرْسِلْ مَعَنَآ اَخَانَا نَكْتَلْ وَاِنَّا لَهٗ لَحٰفِظُوْنَ ﴿٦٣﴾

٦٤- پوءِ جڏهن اهي پنهنجي پيءُ وٽ واپس ويا تہ چيائون (تہ) اي اسانجا پيءُ اسانکي (آئينده جي لاءِ) اناج کان محروم ڪيو ويو آهي انهيءَ ڪري (هاڻي) اسانجي ڀاءُ (بن يامين) کي (بہ) اسان سان گڏ موڪل تہ اسان ڀيهر اناج وٺي سگهون ۽ اسان يقينن انهيءَ جي حفاظت ڪنداسين.

قَالَ هَلْ اٰمَنُكُمْ عَلَيْهِ اِلَّا كَمَآ اَمِنْتُكُمْ عَلٰٓى اَخِيْهِ مِنْ قَبْلُ ۭ فَاللّٰهُ خَيْرٌ حٰفِظًا ۠ وَّهُوَ اَرْحَمُ الرّٰحِمِيْنَ ﴿٦٤﴾

٦٥- انهيءَ چيو (توهان ئي ڀڙايو) ڇا مان انهيءَ کي توهان جي سپرد ڪري سگهان ٿو سواءِ انهيءَ جي جو انهيءَ جو اهوئي نتيجو نڪري جيڪو هن کان پهريائين هن جي ڀاءُ کي توهان جي سپرد ڪرڻ جو نتيجو نڪتو هو - پوءِ (مان هن کي توهان جي سپرد تہ ڪيان ٿو پر هن يقين سان تہ توهان نہ پر) الله ئي بهتر حفاظت ڪرڻ وارو آهي ۽ اهوئي سڀني کان وڌيڪ رحم ڪرڻ وارو آهي.

وَلَمَّا فَتَحُوْا مَتَاعَهُمْ وَجَدُوْا بِضَاعَتَهُمْ رُدَّتْ اِلَيْهِمْ ۭ قَالُوْا يٰٓاَبَانَا مَا نَبْغِيْ ۭ هٰذِهٖ بِضَاعَتُنَا رُدَّتْ اِلَيْنَا ۚ وَنَمِيْرُ اَهْلَنَا وَنَحْفَظُ اَخَانَا وَنَزْدَادُ كَيْلَ بَعِيْرٍ ۭ ذٰلِكَ كَيْلٌ يَّسِيْرٌ ﴿٦٥﴾

٦٦- ۽ جڏهين انهن پنهنجو سامان کوليو تہ ڏٺائون تہ انهن جي موڙي انهن ڏانهن واپس ڪئي وئي آهي (انهيءَ تي) انهن (پنهنجي پيءُ کي) چيو (تہ) اي اسانجا پيءُ (انهيءَ کان وڌيڪ) اسان ٻي ڪهڙي خواهش ڪري سگهون ٿا (ڏسو) هي اسان جي موڙي آهي اها (بہ) اسان ڏانهن واپس ڪئي وئي آهي ۽ (جيڪڏهن اسان جو ڀاءُ اسان سان هلندو تہ) اسان پنهنجي گهر وارن کي خوراڪ جو سامان آڻي ڏينداسين ۽ پنهنجي ڀاءُ جي (هر طرح سان) حفاظت ڪنداسين. هڪ اٺ جو بار وڌيڪ آڻينداسين. اهو وزن (جيڪو اسان کي مفت ملندو) وڏي نعمت آهي.

قَالَ لَنْ اُرْسِلَهٗ مَعَكُمْ حَتّٰى تُؤْتُوْنِ مَوْثِقًا مِّنَ

٦٧- انهيءَ چيو مان انهيءَ کي توهان سان

اللّٰهِ لَتَاْتُنَّنِيْ بِهٖٓ اِلَّآ اَنْ يُّحَاطَ بِكُمْ ۚ فَلَمَّآ اٰتَوْهُ مَوْثِقَهُمْ قَالَ اللّٰهُ عَلٰى مَا نَقُوْلُ وَكِيْلٌ ﴿٦٦﴾

کڏهن نہ موڪليندس جيستائين توهان مون سان الله جي مقرر ٿيل (يعني انهيءَ جي قسم سان تاڪيد وارو) اهو عهد نہ ڪيو تہ توهان انهيءَ کي ضرور مون وٽ (واپس) آڻيندؤ ـ سواءِ انهيءَ (صورت) جي جو توهان (خود مصيبت ۾) مبتلا ٿي وڃون پوءِ جڏهن انهن انهيءَ کي پنهن جو پڪو قول ڏنو تہ انهيءَ چيو جيڪي (ڪجهہ) اسان (هن وقت) چئي رهيا آهيون الله انهيءَ جو نگهبان آهي.

وَقَالَ يٰبَنِيَّ لَا تَدْخُلُوْا مِنْۢ بَابٍ وَّاحِدٍ وَّادْخُلُوْا مِنْ اَبْوَابٍ مُّتَفَرِّقَةٍ ۗ وَمَآ اُغْنِيْ عَنْكُمْ مِّنَ اللّٰهِ مِنْ شَيْءٍ ۗ اِنِ الْحُكْمُ اِلَّا لِلّٰهِ ۗ عَلَيْهِ تَوَكَّلْتُ ۚ وَعَلَيْهِ فَلْيَتَوَكَّلِ الْمُتَوَكِّلُوْنَ ﴿٦٧﴾

٦٨ـ ۽ انهيءَ (انهنکي) چيو (تہ) اي منهنجا پٽو ! توهان شهر جي هڪ ئي دروازي مان گڏ اندر نہ وڃجو. پر جدا جدا دروازن مان اندر وڃجو ۽ مان الله (جي پڪڙ) کان (بچائڻ لاءِ) ڪجهہ بہ توهانجي ڪم نٿو اچي سگهان. فيصلو ڪرڻ (در اصل) الله جو ئي ڪم آهي انهيءَ تي مون پروسو ڪيو آهي ۽ سڀني پروسي ڪرڻ وارن کي انهيءَ تي پروسو ڪرڻ گهرجي.

وَلَمَّا دَخَلُوْا مِنْ حَيْثُ اَمَرَهُمْ اَبُوْهُمْ ۗ مَا كَانَ يُغْنِيْ عَنْهُمْ مِّنَ اللّٰهِ مِنْ شَيْءٍ اِلَّا حَاجَةً فِيْ نَفْسِ يَعْقُوْبَ قَضٰىهَا ۗ وَاِنَّهٗ لَذُوْ عِلْمٍ لِّمَا عَلَّمْنٰهُ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿٦٩﴾ ع ٨/٢

٦٩ـ ۽ جڏهن انهيءَ طريقي جي مطابق جنهن جو حڪم انهن جي پيءُ انهن کي ڏنو هئو اهي داخل ٿيا تہ اهو مقصد پورو ٿي ويو جنهن لاءِ انهنکي اهو حڪم ڏنو ويو پر يعقوب پنهنجي تدبير سان انهن (يعني پٽن) کي خدائي تدبير کان بچائي نہ ٿي سگهيو. ها پر يعقوب جي دل ۾ هڪ خواهش هئي جنهن کي انهي (اهڙيءَ طرح) پورو ڪيو ۽ چاڪاڻ تہ اسان انهيءَ (يعني يعقوب) کي علم ڏنو هئو اهو وڏي علم وارو هئو. پر اڪثر ماڻهو (انهيءَ حقيقت کي) نٿا ڄاڻن.

وَلَمَّا دَخَلُوْا عَلٰى يُوْسُفَ اٰوٰٓى اِلَيْهِ اَخَاهُ قَالَ اِنِّيْٓ اَنَا اَخُوْكَ فَلَا تَبْتَىِٕسْ بِمَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿٧٠﴾

٧٠. ۽ جڏهن اهي يوسف جي حضور ۾ حاضر ٿيا تہ انهيءَ پنهن جي ڀاءُ کي پاڻ وٽ جاءِ ڏني ۽ (انهيءَ کي) چيو (تہ) يقيناً مان تنهنجو (گم ٿيل) ڀاءُ آهيان. پوءِ جيڪي ڪجهہ اهي ڪندا رهيا آهن انهيءَ جي سبب (هاڻي) تون غمگين نہ ٿي.

فَلَمَّا جَهَّزَهُمْ بِجَهَازِهِمْ جَعَلَ السِّقَايَةَ فِيْ رَحْلِ اَخِيْهِ ثُمَّ اَذَّنَ مُؤَذِّنٌ اَيَّتُهَا الْعِيْرُ اِنَّكُمْ لَسٰرِقُوْنَ ﴿٧١﴾

٧١. پوءِ جڏهن انهيءَ انهنکي سندن سامان ڏني (واپسيءَ لاءِ) تيار ڪيو تہ انهيءَ (پاڻي پيئڻ جو هڪ) ڪٽورو (بہ) پنهنجي ڀاءُ جي بوريءَ ۾ رکي ڇڏيو پوءِ (اڻين ٿيو جو) ڪنهن اعلان ڪرڻ واري (يعني شاهي ڪارندي) اعلان ڪيو (تہ) اي قافلي وارا توهان يقيناً چور آهيو.

قَالُوْا وَاَقْبَلُوْا عَلَيْهِمْ مَّاذَا تَفْقِدُوْنَ ﴿٧٢﴾

٧٢. انهن (يعني يوسف جي ڀائرن) انهن (شاهي ڪارندن) ڏانهن منهن ڪري چيو (تہ) توهان ڪهڙي شيءِ وڃائي آهي؟

قَالُوْا نَفْقِدُ صُوَاعَ الْمَلِكِ وَلِمَنْ جَآءَ بِهٖ حِمْلُ بَعِيْرٍ وَّاَنَا بِهٖ زَعِيْمٌ ﴿٧٣﴾

٧٣. انهن چيو (تہ) اسان اناج ماپڻ جو شاهي ماپو گم ڏسون ٿا ۽ جيڪو شخص انهيءَ کي (ڳولي) ڪٺي اچي تہ هڪ اٺ جي بار برابر (اناج) انهيءَ جو (انعام) هوندو ۽ (اعلان ڪرڻ واري اهو بہ چيو تہ) مان انهيءَ (انعام) جو ذميوار آهيان.

قَالُوْا تَاللّٰهِ لَقَدْ عَلِمْتُمْ مَّا جِئْنَا لِنُفْسِدَ فِي الْاَرْضِ وَمَا كُنَّا سٰرِقِيْنَ ﴿٧٤﴾

٧٤. انهن چيو (تہ) الله جو قسم! توهان ڄاڻو ٿا تہ اسان (هتي) انهيءَ لاءِ نہ آيا آهيون تہ ملڪ ۾ فساد ڪيون ۽ نہ (ئي) اسان چور آهيون.

قَالُوْا فَمَا جَزَآؤُهٗٓ اِنْ كُنْتُمْ كٰذِبِيْنَ ﴿٧٥﴾

٧٥. انهن چيو (تہ) جيڪڏهين توهان ڪوڙا (ثابت) ٿيو تہ انهيءَ (فعل يعني چوريءَ) جي ڪهڙي سزا هوندي؟

قَالُوْا جَزَآؤُهٗ مَنْ وُّجِدَ فِيْ رَحْلِهٖ فَهُوَ جَزَآؤُهٗ كَذٰلِكَ

٧٦. انهن چيو (تہ) انهيءَ جي سزا اها آهي

نَجْزِي الظّٰلِمِيْنَ ﴿٧٥﴾

تہ جنهن شخص جي سامان ۾ اهو (ٿانءُ) لڀي اهو (خود ئي) انهيءَ (فعل) جو بدلو ٿئي اسان (ماڻهو) ظالمن کي اهڙيءَ طرح سزا ڏيندا آهيون.

فَبَدَاَ بِاَوْعِيَتِهِمْ قَبْلَ وِعَآءِ اَخِيْهِ ثُمَّ اسْتَخْرَجَهَا مِنْ وِّعَآءِ اَخِيْهِ ۭ كَذٰلِكَ كِدْنَا لِيُوْسُفَ ۭ مَا كَانَ لِيَاْخُذَ اَخَاهُ فِيْ دِيْنِ الْمَلِكِ اِلَّآ اَنْ يَّشَآءَ اللّٰهُ ۭ نَرْفَعُ دَرَجٰتٍ مَّنْ نَّشَآءُ ۭ وَفَوْقَ كُلِّ ذِيْ عِلْمٍ عَلِيْمٌ ﴿٧٦﴾

٧٧. پوءِ انهيءَ (يعني اعلان ڪرڻ واري) انهيءَ جي (يعني يوسف جي) ڀاءُ جي ٻوري کان پهرين انهن (ڀين) جي ٻورن کي (ڏسڻ) شروع ڪيو پوءِ انهيءَ جي ڀاءُ جي ٻوري (کي ڏٺو ۽ انهيءَ ۾ انهيءَ ٿانو کي ڏسي انهيءَ) مان اهو ڪڍيو. اهڙي طرح اسان يوسف جي لاءِ (هڪ) تدبير ڪئي (ٻي صورت ۾) اهو بادشاهہ جي قانون جي اندر (رهندي) پنهنجي ڀاءُ کي الله جي تدبير کان سواءِ روڪي نہ ٿي سگهيو. اسان جنهن جا چاهيندا آهيون، درجا بلند ڪندا آهيون ۽ (حقيقت اها آهي تہ) هر ڪنهن علم واري جي مٿان (انهيءَ کان) وڌيڪ علم واري هستي (ملي) ٿي.

قَالُوْٓا اِنْ يَّسْرِقْ فَقَدْ سَرَقَ اَخٌ لَّهٗ مِنْ قَبْلُ ۚ فَاَسَرَّهَا يُوْسُفُ فِيْ نَفْسِهٖ وَلَمْ يُبْدِهَا لَهُمْ ۚ قَالَ اَنْتُمْ شَرٌّ مَّكَانًا ۚ وَاللّٰهُ اَعْلَمُ بِمَا تَصِفُوْنَ ﴿٧٧﴾

٧٨. انهن (يعني انهن جي ڀائرن) چيو (تہ) جيڪڏهن هن چوري ڪئي هجي تہ (ڪو عجب نہ آهي چو جو) انهيءَ جو هڪ ڀاءُ (ٻہ) پهرينءَ چوري ڪري چڪو آهي. انهيءَ تي يوسف (پنهنجي دل جي ڳالهہ کي) پنهنجي دل ۾ لڪل رکيو. ۽ انهن تي انهيءَ کي ظاهر نہ ڪيو (ها دل ۾ ايترو) چيو (تہ) توهان (ماڻهو) وڏا بدبخت آهيو ۽ جيڪا ڳالهہ توهان چئو ٿا انهيءَ کي الله (ئي) بهتر ڄاڻيٿو.

قَالُوْا يٰٓاَيُّهَا الْعَزِيْزُ اِنَّ لَهٗٓ اَبًا شَيْخًا كَبِيْرًا فَخُذْ

٧٩. انهن چيو (تہ) اي سردار! هن جو هڪ تمام پوڙهو پيءُ آهي (هن کي انهيءَ جي

اَحَدَنَا مَكَانَهٗ ۚ اِنَّا نَرٰىكَ مِنَ الْمُحْسِنِيْنَ ۝٧٩

صدمي کان بچائڻ لاءِ) هن جي بدران توهان اسان مان ڪنهن هڪ کي پڪڙيو. اسان توهانکي يقينن محسنن مان سمجهون ٿا.

قَالَ مَعَاذَ اللّٰهِ اَنْ نَّاْخُذَ اِلَّا مَنْ وَّجَدْنَا مَتَاعَنَا عِنْدَهٗٓ ۙ اِنَّآ اِذًا لَّظٰلِمُوْنَ ۝٨٠ ع

٨٠. انهيءَ چيو (تہ اسان) انهيءَ شخص کانسواءِ جنهن وٽان اسان پنهنجو سامان لڌو آهي ڪنهن ٻئي کي پڪڙڻ کان خدا جي پناهہ گهرون ٿا. جيڪڏهن اسان ائين ڪيون تہ اسان يقينن ظالمن مان ٿينداسين.

فَلَمَّا اسْتَيْـَٔسُوْا مِنْهُ خَلَصُوْا نَجِيًّا ۭ قَالَ كَبِيْرُهُمْ اَلَمْ تَعْلَمُوْٓا اَنَّ اَبَاكُمْ قَدْ اَخَذَ عَلَيْكُمْ مَّوْثِقًا مِّنَ اللّٰهِ وَمِنْ قَبْلُ مَا فَرَّطْتُّمْ فِيْ يُوْسُفَ ۚ فَلَنْ اَبْرَحَ الْاَرْضَ حَتّٰى يَاْذَنَ لِيْٓ اَبِيْٓ اَوْ يَحْكُمَ اللّٰهُ لِيْ ۚ وَهُوَ خَيْرُ الْحٰكِمِيْنَ ۝٨١

٨١. پوءِ جڏهين اهي انهيءَ کان (يعني يوسف کان) نااميد ٿي ويا ۽ پاڻ ۾ ڳالهيون ڪندي (ماڻهن کان) جدا ٿي ويا (تڏهين) انهن مان وڏي چيو (تہ) ڇا توهان کي معلوم نہ آهي تہ توهان جي پيءُ توهان کان پڪو قول ورتو آهي جيڪو الله (جي قسم) سان (تاڪيدوارو) آهي ۽ اهو تہ (انهيءَ کان) پهريائين توهان يوسف جي باري ۾ بہ ڪوتاهي ڪري چڪا آهيو انهيءَ ڪري جيستائين منهن جو پيءُ مونکي (خاص طور تي) اجازت (نہ) ڏئي يا (خود) الله منهن جي حق ۾ فيصلي (جي ڪا راهہ پيدا نہ) ڪري مان هن ملڪ کي نہ ڇڏيندس ۽ اهو (الله) سڀني فيصلي ڪرڻ وارن کان بهتر (فيصلو ڪرڻ وارو) آهي.

اِرْجِعُوْٓا اِلٰٓى اَبِيْكُمْ فَقُوْلُوْا يٰٓاَبَانَآ اِنَّ ابْنَكَ سَرَقَ ۚ وَمَا شَهِدْنَآ اِلَّا بِمَا عَلِمْنَا وَمَا كُنَّا لِلْغَيْبِ حٰفِظِيْنَ ۝٨٢

٨٢. توهان پنهنجي پيءُ ڏانهن موٽي وڃو ۽ (انهيءَ کي وڃي) چئو (تہ) اي اسانجا پيءُ توهان جي (نندي) پٽ ضرور چوري ڪئي آهي ۽ اسان (توهان کي) اهوئي چيو آهي جنهنجو اسان کي (ذاتي) علم آهي ۽ اسان (پنهن جي) نظر کان لڪل ڳالهہ جي حفاظت نہ ٿي ڪري سگهياسين.

وَسْـَٔلِ الْقَرْيَةَ الَّتِيْ كُنَّا فِيْهَا وَالْعِيْرَ الَّتِيْٓ اَقْبَلْنَا
فِيْهَا ۭ وَاِنَّا لَصٰدِقُوْنَ ﴿٨٢﴾

٨٣. ۽ توهان (بي شڪ) انهن ماڻهن کان (بہ) دريافت ڪريو جن ۾ اسان (رهندا) هئاسين ۽ انهيءَ قافلي کان (بہ) جنهن سان گڏ اسان آيا آهيون ۽ يقين ڄاڻو تہ اسان (انهيءَ ڳالھہ ۾) سچا آهيون.

قَالَ بَلْ سَوَّلَتْ لَكُمْ اَنْفُسُكُمْ اَمْرًا ۭ
فَصَبْرٌ جَمِيْلٌ ۭ عَسَى اللّٰهُ اَنْ يَّاْتِيَنِيْ بِهِمْ جَمِيْعًا ۭ
اِنَّهٗ هُوَ الْعَلِيْمُ الْحَكِيْمُ ﴿٨٣﴾

٨٤. انهيءَ (يعني يعقوب) چيو (تہ اها ڳالھہ درست) نہ آهي (معلوم ٿئي) پر (معلوم ٿئي ٿو تہ) توهان جي نفسن ڪا ڳالھہ خوبصورت ڪري توهانکي ڏيکاري آهي. پوءِ هاڻي منهنجي لاءِ اهوئي رهجي ويو آهي تہ چڱيءَ طرح صبر ڪيان (ڪجهہ) پري نہ آهي جو الله انهن سڀني کي مون وٽ وٺي اچي. يقينًا اهوئي آهي جيڪو خوب ڄاڻڻ وارو (۽) حڪمت وارو آهي.

وَتَوَلّٰى عَنْهُمْ وَقَالَ يٰٓاَسَفٰى عَلٰي يُوْسُفَ وَابْيَضَّتْ
عَيْنٰهُ مِنَ الْحُزْنِ فَهُوَ كَظِيْمٌ ﴿٨٤﴾

٨٥. ۽ انهيءَ انهن کان پنهنجو منهن ڦيرائي ڇڏيو ۽ (جدا وڃي دعا ڪيائين ۽) چيائين اي (منهنجا خدا!) يوسف جي واقعي تي مان بيھر فرياد ڪريان ٿو ۽ غم جي سببان انهيءَ جي اکين ۾ لڙڪ پرجي آيا. پر هو پنهنجي غم کي (هميشه پنهنجي دل جي) اندر (ئي) دٻائي رکندو هو.

قَالُوْا تَاللّٰهِ تَفْتَؤُا تَذْكُرُ يُوْسُفَ حَتّٰى تَكُوْنَ حَرَضًا
اَوْ تَكُوْنَ مِنَ الْهٰلِكِيْنَ ﴿٨٥﴾

٨٦. انهن چيو (تہ) الله جو قسم (ائين) معلوم ٿئي ٿو تہ توهان انهيءَ وقت تائين يوسف جو ذڪر ڪندا رهندا جيستائين توهان بيمار ٿي پئو يا فوت نہ ٿي وڃو.

قَالَ اِنَّمَآ اَشْكُوْا بَثِّيْ وَحُزْنِيْٓ اِلَى اللّٰهِ وَاَعْلَمُ مِنَ
اللّٰهِ مَا لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿٨٦﴾

٨٧. انهيءَ چيو (تہ) مان پنهنجي پريشانيءَ ۽ غم جو فرياد الله جي حضور ۾ ڪيان ٿو ۽ مان الله جي طرفان اهو علم رکان ٿو جيڪو توهان نٿا رکو.

يٰبَنِيَّ اذْهَبُوْا فَتَحَسَّسُوْا مِنْ يُّوْسُفَ وَاَخِيْهِ وَلَا

٨٨. اي منهنجا پٽو! وڃو ۽ (وڃي) يوسف ۽

تَايْـَٔسُوْا مِنْ رَّوْحِ اللّٰهِ ؕ اِنَّهٗ لَا يَايْـَٔسُ مِنْ رَّوْحِ اللّٰهِ اِلَّا الْقَوْمُ الْكٰفِرُوْنَ ﴿۸۷﴾

انجي ڀاءُ جي ڳولا ڪيو ۽ الله جي رحمت کان نا اميد نہ ٿيو (اصل) ڳالهہ اهائي آهي تہ الله جي رحمت کان ڪافر ماڻهن کانسواءِ ڪوبہ (انسان) نا اميد نہ ٿو ٿئي.

فَلَمَّا دَخَلُوْا عَلَيْهِ قَالُوْا يٰۤاَيُّهَا الْعَزِيْزُ مَسَّنَا وَاَهْلَنَا الضُّرُّ وَجِئْنَا بِبِضَاعَةٍ مُّزْجٰىةٍ فَاَوْفِ لَنَا الْكَيْلَ وَتَصَدَّقْ عَلَيْنَا ؕ اِنَّ اللّٰهَ يَجْزِي الْمُتَصَدِّقِيْنَ ﴿۸۸﴾

٨٩. پوءِ جڏهن اهي (واپس ٿي وري) انهيءَ جي (يعني يوسف جي) حضور ۾ حاضر ٿيا تہ (انهيءَ کي) چيائون (تہ) اي سردار! اسانکي ۽ اسانجي (سڄي) ڪٽنب کي (سخت) تنگي پهتي آهي ۽ اسان (بلڪل) ٿوري موڙي کڻي آيا آهيون پوءِ توهان (احسان جي طور تي) اسانکي (مطالبي جي مطابق) ان ڏيو ۽ صدقي (جي طور تي حق کان بہ ڪجهہ وڌيڪ) ڏيو. الله صدقي ڏيڻ وارن کي يقينن (وڏو) اجر ڏئي ٿو.

قَالَ هَلْ عَلِمْتُمْ مَّا فَعَلْتُمْ بِيُوْسُفَ وَاَخِيْهِ اِذْ اَنْتُمْ جٰهِلُوْنَ ﴿۸۹﴾

٩٠. انهيءَ چيو (تہ) ڇا توهانکي (پنهن جو اهو سلوڪ) ياد آهي جيڪو توهان يوسف ۽ انهيءَ جي ڀاءُ سان ڪيو هئو جڏهن توهان (پنهنجي فعل جي برائي کان) ناواقف هئا.

قَالُوْۤا ءَاِنَّكَ لَاَنْتَ يُوْسُفُ ؕ قَالَ اَنَا يُوْسُفُ وَهٰذَاۤ اَخِيْ ؗ قَدْ مَنَّ اللّٰهُ عَلَيْنَا ؕ اِنَّهٗ مَنْ يَّتَّقِ وَيَصْبِرْ فَاِنَّ اللّٰهَ لَا يُضِيْعُ اَجْرَ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿۹۰﴾

٩١. انهن چيو (تہ) ڇا واقعي توهان (ئي) يوسف آهيو. انهيءَ چيو (تہ) ها مان ئي يوسف آهيان ۽ هي منهنجو ڀاءُ آهي. الله اسان تي فضل ڪري ڇڏيو آهي حق ڳالهہ اهائي آهي جيڪو (شخص) تقويٰ اختيار ڪري ۽ صبر ڪري تہ الله اهڙن محسنن جو اجر ڪڏهن ضايع نہ ٿو ڪري.

قَالُوْا تَاللّٰهِ لَقَدْ اٰثَرَكَ اللّٰهُ عَلَيْنَا وَاِنْ كُنَّا لَخٰطِـِٕيْنَ ﴿۹۱﴾

٩٢. انهن چيو, اسانکي الله جو قسم آهي الله توهانکي اسان تي يقينن فضيلت ڏني آهي ۽ اسان بلاشڪ خطاڪار آهيون.

قَالَ لَا تَثْرِيْبَ عَلَيْكُمُ الْيَوْمَ ؕ يَغْفِرُ اللّٰهُ لَكُمْ ؗ وَهُوَ

٩٣. انهيءَ چيو, هاڻي توهان تي ڪنهن قسم جي ملامت نہ ٿيندي (۽) الله (بہ)

اَرۡحَمُ الرّٰحِمِيۡنَ ﴿۹۲﴾

توهانکي بخشي ڇڏيندو ۽ اهو سڀني رحم ڪرڻ وارن کان وڌيڪ رحم ڪرڻ وارو آهي.

اِذۡهَبُوۡا بِقَمِيۡصِىۡ هٰذَا فَاَلۡقُوۡهُ عَلٰى وَجۡهِ اَبِىۡ يَاۡتِ بَصِيۡرًا ۚ وَاۡتُوۡنِىۡ بِاَهۡلِكُمۡ اَجۡمَعِيۡنَ ﴿۹۳﴾

٩۴. توهان هيءَ منهنجو پهراڻ کڻي وڃو ۽ اهو منهنجي پيءُ جي اڳيان (وڃي) رکجو (انهيء مان) هو (منهن جي متعلق) سڀني ڳالهين کان واقف ٿي ويندو ۽ توهان پنهنجو سڄو ڪٽنب (ٻــ) مون وٽ وٺي آڻجو.

وَلَمَّا فَصَلَتِ الۡعِيۡرُ قَالَ اَبُوۡهُمۡ اِنِّىۡ لَاَجِدُ رِيۡحَ يُوۡسُفَ لَوۡلَاۤ اَنۡ تُفَنِّدُوۡنِ ﴿۹۴﴾

٩٥. ۽ جڏهين (انهن جو) قافلو (مصر کان) هلي پيو. تہ انهن جي پيءُ (ماڻهن کي) چيو تہ ائين نہ ٿئي تہ توهان مون کي ڪوڙو ڪيو تہ (مان ضرور چوندس تہ) مونکي يوسف جي خوشبو ضرور اچي رهي آهي.

قَالُوۡا تَاللّٰهِ اِنَّكَ لَفِىۡ ضَلٰلِكَ الۡقَدِيۡمِ ﴿۹۵﴾

٩٦. انهن چيو تہ تون يقينن پنهنجي پراڻي غلطيءَ ۾ (مبتلا) آهين.

فَلَمَّاۤ اَنۡ جَآءَ الۡبَشِيۡرُ اَلۡقٰٮهُ عَلٰى وَجۡهِهٖ فَارۡتَدَّ بَصِيۡرًا ۚ قَالَ اَلَمۡ اَقُلۡ لَّكُمۡ ۚ اِنِّىۡۤ اَعۡلَمُ مِنَ اللّٰهِ مَا لَا تَعۡلَمُوۡنَ ﴿۹۶﴾

٩٧. پوءِ جيئن ئي (يوسف جي ملي وڃڻ جي) بشارت ڏيڻ وارو (شخص حضرت يعقوب وٽ) آيو هن انهيء (پهراڻ) کي انهيء جي اڳيان رکي ڇڏيو جنهن تي اهو سڄي ڳالهہ سمجهي ويو (۽ انهن کي) چيائين ڇا مون توهانکي نہ چيو هو تہ مان الله جي طرفان (علم حاصل ڪري يقينن اهو ڪي) ڄاڻان ٿو جيڪو توهين نٿا ڄاڻو.

قَالُوۡا يٰۤاَبَانَا اسۡتَغۡفِرۡ لَنَا ذُنُوۡبَنَاۤ اِنَّا كُنَّا خٰطِـِٕيۡنَ ﴿۹۷﴾

٩٨. (تڏهين) انهن (يعني حضرت يوسف جي ڀائرن) چيو اي اسانجا پيءُ ! توهان اسان جي حق ۾ (خدا کان) اسان جي گناهن جي بخشش طلب ڪيو اسان يقينن خطاڪار آهيون.

قَالَ سَوۡفَ اَسۡتَغۡفِرُ لَكُمۡ رَبِّىۡ ؕ اِنَّهٗ هُوَ الۡغَفُوۡرُ الرَّحِيۡمُ ﴿۹۸﴾

٩٩. انهيء چيو مان (ضرور) توهان جي لاءِ پنهن جي رب کان بخشش طلب ڪندس يقينن اهوئي (آهي جيڪو) ڏاڍو بخشڻ وارو

(۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي.

فَلَمَّا دَخَلُوْا عَلٰى يُوْسُفَ اٰوٰٓى اِلَيْهِ اَبَوَيْهِ وَقَالَ ادْخُلُوْا مِصْرَ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ اٰمِنِيْنَ ؁

١٠٠. پوءِ جڏهين اهي (سڀ) يوسف وٽ پهتا تہ انهيءَ پنهنجي ماءُ پيءُ کي پاڻوٽ جاءِ ڏني ۽ (سڀني کي) چيو تہ الله جي مرضيءَ مطابق توهان سڀ امن (۽ سلامتيءَ) سان مصر ۾ داخل ٿي وڃو.

وَرَفَعَ اَبَوَيْهِ عَلَى الْعَرْشِ وَخَرُّوْا لَهٗ سُجَّدًا ۚ وَقَالَ يٰٓاَبَتِ هٰذَا تَاْوِيْلُ رُءْيَايَ مِنْ قَبْلُ ؗ قَدْ جَعَلَهَا رَبِّيْ حَقًّا ؕ وَقَدْ اَحْسَنَ بِيْٓ اِذْ اَخْرَجَنِيْ مِنَ السِّجْنِ وَجَآءَ بِكُمْ مِّنَ الْبَدْوِ مِنْۢ بَعْدِ اَنْ نَّزَغَ الشَّيْطٰنُ بَيْنِيْ وَبَيْنَ اِخْوَتِيْ ؕ اِنَّ رَبِّيْ لَطِيْفٌ لِّمَا يَشَآءُ ؕ اِنَّهٗ هُوَ الْعَلِيْمُ الْحَكِيْمُ ؁

١٠١. ۽ هن پنهنجي ماءُ پيءُ کي تخت تي ويهاريو ۽ اهي (سڀئي) انهيءَ جي ڪري (خدا جو شڪر ڪندي) سجدي ۾ ڪري پيا ۽ هن (يعني يوسف) چيو اي منهنجا پيءُ! هيءُ منهنجي پهرين ڪان (خواب ۾) ڏٺل ڳالهہ جو تعبير آهي. الله مونتي (تمام وڏو) فضل ڪيو آهي جو جو هن (پهريائين) مونکي قيدخاني مان ڪڍيو ۽ (مونکي عزت جي مقام تي پهچائي انهيءَ کانپوءِ) هو توهان کي جهنگل (جي علائقي) مان (ڪڍي هن وقت مون وٽ) آندو جڏهين شيطان مون ۾ ۽ منهنجي ڀائرن ۾ ڏڦيڙ وجهي ڇڏيو هو. منهنجو رب جنهن سان چاهي ٿو لطف (۽ احسان) جو معاملو ڪري ٿو. يقيناً اهوئي (آهي جيڪو) ڏاڍو ڄاڻڻ وارو (۽) حڪمت وارو آهي.

رَبِّ قَدْ اٰتَيْتَنِيْ مِنَ الْمُلْكِ وَعَلَّمْتَنِيْ مِنْ تَاْوِيْلِ الْاَحَادِيْثِ ۚ فَاطِرَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۣ اَنْتَ وَلِيّٖ فِي الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةِ ۚ تَوَفَّنِيْ مُسْلِمًا وَّاَلْحِقْنِيْ بِالصّٰلِحِيْنَ ؁

١٠٢. اي منهنجا رب! تو مونکي حڪومت جو هڪ حصو (بہ) عطا ڪيو آهي ۽ خوابن جي تعبير جو بہ ڪجهہ علم تو مونکي بخشيو آهي. (اي) آسمانن ۽ زمين کي پيدا ڪرڻ وارا تون (ئي) دنيا ۽ آخرت (ٻنهي) ۾ منهنجو مددگار آهين (جڏهين بہ منهنجي موت جو وقت اچي) مونکي پنهنجي ڪامل فرمانبرداريءَ جي حالت ۾ وفات ڏي ۽

۽ اهي سڀئي) بصيرت تي قائم آهيون ۽ الله (سڀني قسمن جي نقصن کان) پاڪ آهي ۽ مان مشرڪن مان نہ آهيان.

وَمَآ اَرۡسَلۡنَا مِنۡ قَبۡلِكَ اِلَّا رِجَالًا نُّوۡحِىۡۤ اِلَيۡهِمۡ مِّنۡ اَهۡلِ الۡقُرٰىؕ اَفَلَمۡ يَسِيۡرُوۡا فِى الۡاَرۡضِ فَيَنۡظُرُوۡا كَيۡفَ كَانَ عَاقِبَةُ الَّذِيۡنَ مِنۡ قَبۡلِهِمۡؕ وَلَدَارُ الۡاٰخِرَةِ خَيۡرٌ لِّلَّذِيۡنَ اتَّقَوۡا ؕ اَفَلَا تَعۡقِلُوۡنَ ﴿١١٠﴾

١١٠. ۽ توکان پهرين (بہ) اسان (ماڻهن جي رهنمائيءَ لاءِ هميشه) انهن ئي (دنيا جي) ڳوٺن جي رهڻ وارن مردن ئي کي، جن تي اسان (پنهنجي) وحي نازل ڪندا هئاسون رسالت ڏيئي موڪليندا رهيا آهيون تہ ڇا اهي (ماڻهو) زمين ۾ نہ گهميا جو ڏسن ها (تہ) جيڪي (ماڻهو) انهن کان پهرين (نبين جا منڪر) هئا انهن جي پڇاڙي ڪهڙي ٿي هئي؟ ۽ آخرت جو گهر انهن ماڻهن لاءِ جن تقويٰ اختيار ڪئي يقيناً وڌيڪ بهتر آهي پوءِ ڇا توهان عقل کان ڪم نہ ٿا وٺو؟

حَتّٰۤى اِذَا اسۡتَيۡـَٔسَ الرُّسُلُ وَظَنُّوۡۤا اَنَّهُمۡ قَدۡ كُذِبُوۡا جَآءَهُمۡ نَصۡرُنَاۙ فَنُجِّىَ مَنۡ نَّشَآءُ ؕ وَلَا يُرَدُّ بَاۡسُنَا عَنِ الۡقَوۡمِ الۡمُجۡرِمِيۡنَ ﴿١١١﴾

١١١. ۽ جڏهين (هڪ طرف تہ) رسول (انهن وٽان) نا اميد ٿي ويا ۽ (ٻئي طرف) انهن (منڪرن) جو (اهو) پختو خيال ٿي ويو تہ انهن کان (وحيءَ جي نالي سان) ڪوڙيون ڳالهيون چيون ويون ٿيون تہ (انهيءَ وقت) انهن (رسولن) وٽ اسان جي مدد اچي وئي ۽ جن کي اسان بچائڻ گهريو ٿي (انهن کي) بچايو ويو ۽ مجرم ماڻهن تان اسان جو عذاب (هرگز) نہ ٿو هٽايو وڃي.

لَقَدۡ كَانَ فِىۡ قَصَصِهِمۡ عِبۡرَةٌ لِّاُولِى الۡاَلۡبَابِؕ مَا كَانَ حَدِيۡثًا يُّفۡتَـرٰى وَلٰـكِنۡ تَصۡدِيۡقَ الَّذِىۡ بَيۡنَ يَدَيۡهِ وَتَفۡصِيۡلَ كُلِّ شَىۡءٍ وَّهُدًى وَّرَحۡمَةً لِّقَوۡمٍ يُّؤۡمِنُوۡنَ ﴿١١٢﴾ ع

١١٢. انهن (ماڻهن) جي ذڪر ۾ عقل مندن لاءِ هڪ عبرت (جو نمونو موجود) آهي. هي اهڙي ڳالهہ (هرگز) نہ آهي جيڪا (پنهنجي طرفان) گهڙي وئي هجي. پر (اها) پاڻ کان پهرين (ڪلام الاهي جي پيشگوين) کي ڪامل طور تي پورو ڪرڻ واري آهي ۽ هر ڳالهہ جو پورو تفصيل بيان ڪرڻ واري آهي ۽ جيڪي ماڻهو ايمان آڻين ٿا انهن جي لاءِ هدايت ۽ رحمت آهي.

## سُوْرَةُ الرَّعْدِ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ مَعَ الْبَسْمَلَةِ اَرْبَعٌ وَّ اَرْبَعُوْنَ اٰيَةً وَّسِتَّةُ رُكُوْعَاتٍ

هي سورت مڪي آهي ۽ بسم الله سميت هن جون چوئيتاليهہ آيتون ۽ ڇهہ رڪوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ①

١. (مان) الله جو نالو وٺي جيڪو بيحد ڪرم ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي (پڙهانٿو)

الٓمّٓرٰ تِلْكَ اٰيٰتُ الْكِتٰبِ ؕ وَالَّذِيْٓ اُنْزِلَ اِلَيْكَ مِنْ رَّبِّكَ الْحَقُّ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يُؤْمِنُوْنَ ②

٢. مان الله ڄاڻڻ وارو ۽ ڏسڻ وارو آهيان. هي ڪامل ڪتاب جون آيتون آهن. ۽ جيڪو ڪلام توتي تنهن جي رب جي طرفان لاٿو ويو آهي. اهو بلڪل حق آهي پر اڪثر ماڻهو ايمان نہ ٿا آڻين.

اَللّٰهُ الَّذِيْ رَفَعَ السَّمٰوٰتِ بِغَيْرِ عَمَدٍ تَرَوْنَهَا ثُمَّ اسْتَوٰى عَلَى الْعَرْشِ وَسَخَّرَ الشَّمْسَ وَالْقَمَرَ ؕ كُلٌّ يَّجْرِيْ لِاَجَلٍ مُّسَمًّى ؕ يُدَبِّرُ الْاَمْرَ يُفَصِّلُ الْاٰيٰتِ لَعَلَّكُمْ بِلِقَآءِ رَبِّكُمْ تُوْقِنُوْنَ ③

٣. الله اهو آهي جنهن آسمانن کي سواءِ ٿنبن جي بلند ڪيو آهي. جنين توهان ڏسي رهيا آهيو (۽) پوءِ اهو عرش تي قائم ٿيو آهي ۽ سج ۽ چنڊ کي انهيءَ (توهانجي) خدمت تي لڳائي ڇڏيو آهي(سو) هر هڪ (سيارو) هڪ مقرر ميعاد تائين (پنهنجي گردش جي مطابق) هلي رهيو آهي. اهو (الله) هر ڪنهن امر جو انتظام ڪري ٿو (۽) پنهنجي آيتن کي کولي بيان ڪري ٿو انهيءَ لاءِ تہ توهان (ماڻهو) پنهنجي رب سان ملڻ جو يقين رکو.

وَهُوَ الَّذِيْ مَدَّ الْاَرْضَ وَجَعَلَ فِيْهَا رَوَاسِيَ وَاَنْهٰرًا ؕ وَمِنْ كُلِّ الثَّمَرٰتِ جَعَلَ فِيْهَا زَوْجَيْنِ اثْنَيْنِ يُغْشِي الَّيْلَ النَّهَارَ ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّقَوْمٍ يَّتَفَكَّرُوْنَ ④

٤. ۽ اهوئي آهي جنهن زمين کي پکيڙيو آهي ۽ انهيءَ ۾ مضبوطيءَ سان بيٺل جبل ۽ (پڻ) درياءَ بنايا آهن ۽ انهيءَ ۾ سڀني (قسمن جي) ميون مان ٻئي قسم (يعني نر ۽ ماد) بنايا آهن. اهو رات کي ڏينهن تي آڻي ٿو. جيڪي ماڻهو سوچين ٿا انهن لاءِ (بنا

شڪ ۽ شبهي جي) انهيءَ (ڳالهه) ۾ ڪيترا نشان (لين) ٿا.

وَفِي الْأَرْضِ قِطَعٌ مُتَجٰوِرٰتٌ وَجَنّٰتٌ مِنْ أَعْنٰبٍ وَزَرْعٌ وَنَخِيلٌ صِنْوَانٌ وَغَيْرُ صِنْوَانٍ يُسْقٰى بِمَآءٍ وَاحِدٍ وَنُفَضِّلُ بَعْضَهَا عَلٰى بَعْضٍ فِي الْأُكُلِ إِنَّ فِي ذٰلِكَ لَآيٰتٍ لِقَوْمٍ يَعْقِلُونَ ﴿٥﴾

٥- ۽ زمين ۾ هڪ ٻئي جي ويجهو ڪيترن (قسمن جا) ٽڪرا آهن ۽ ڪيترن ئي قسمن جا انگورن جا باغ ۽ (ڪيترن قسمن جي) پوک ۽ (نموني نموني جا) کجيءَ جا وڻ (جن مان ڪي) هڪ هڪ پاڙ مان ڪيترائي نڪرڻ وارا (هوندا آهن) ۽ (ڪي) هڪ هڪ پاڙ مان ڪيترن ئي نڪرڻ وارن جي خلاف (هڪ ئي ٿڙ وارا هوندا) آهن جن ڪي هڪ ئي (طرح جي) پاڻيءَ سان سيراب ڪيو ويندو آهي ۽ (باوجود انهيءَ جي) ميوي جي لحاظ کان اسان انهن مان ڪن (وڻن) کي ڪن تي فضيلت ڏيندا آهيون. انهيءَ ۾ انهن ماڻهن لاءِ جيڪي عقل کان ڪم وٺن ٿا ڪيترائي نشان (موجود) آهن.

وَإِنْ تَعْجَبْ فَعَجَبٌ قَوْلُهُمْ ءَإِذَا كُنَّا تُرٰبًا ءَإِنَّا لَفِي خَلْقٍ جَدِيدٍ ۗ أُولٰٓئِكَ الَّذِينَ كَفَرُوا بِرَبِّهِمْ ۚ وَأُولٰٓئِكَ الْأَغْلٰلُ فِيٓ أَعْنَاقِهِمْ ۚ وَأُولٰٓئِكَ أَصْحٰبُ النَّارِ ۚ هُمْ فِيهَا خٰلِدُونَ ﴿٦﴾

٦- ۽ (اي مخاطب!) جيڪڏهين توکي (انهن حق جي منڪرن تي) تعجب ٿئي ته (اهو بجا آهي ڇو جو) انهن جو (اهو) چوڻ (ته) جا جڏهن اسان مري مٽي ٿي وينداسين ته اسانکي واقعي (وري) ڪنهن نئين جنم سان اچڻو پوندو. تنهن جي ڳالهه کان به وڌيڪ عجيب ڳالهه آهي هي اهي ماڻهو آهن جن پنهنجي رب جو انڪار ڪري ڇڏيو آهي ۽ هي اهي ماڻهو آهن جن جي ڳچين ۾ ڳٽ (پيل) هوندا. ۽ اهي (ماڻهو دوزخ جي) باهه (۾ پوڻ) وارا آهن ۽ اهي انهيءَ ۾ رهندا ايندا.

وَيَسْتَعْجِلُونَكَ بِالسَّيِّئَةِ قَبْلَ الْحَسَنَةِ وَقَدْ خَلَتْ

٧- ۽ اهي سزا کي نيڪ جزا کان وڌيڪ جلد آڻڻ جو توکان مطالبو ڪري رهيا آهن

مِّن قَبْلِهِمُ الْمَثُلٰتُ ؕ وَاِنَّ رَبَّكَ لَذُوْ مَغْفِرَةٍ لِّلنَّاسِ عَلٰى ظُلْمِهِمْ ۚ وَاِنَّ رَبَّكَ لَشَدِيْدُ الْعِقَابِ ۝٧

حالانڪ انهن کان پهريائين (اهڙن ماڻهن تي) ڪيترن (قسمن جا) عبرتناڪ عذاب اچي چڪا آهن ۽ تنهن جو رب ماڻهن کي انهن جي ظلم جي باوجود (بہ) سواءِ شڪ ۽ شبهي جي (گهڻو) بخشڻ وارو آهي ۽ (اهڙيءَ طرح) تنهنجو رب يقينن سخت سزا ڏيڻ وارو (بہ) آهي.

وَيَقُوْلُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَوْلَاۤ اُنْزِلَ عَلَيْهِ اٰيَةٌ مِّنْ رَّبِّهٖ ؕ اِنَّمَاۤ اَنْتَ مُنْذِرٌ وَّلِكُلِّ قَوْمٍ هَادٍ ۝٨

٨۔ ۽ جن ماڻهن انڪار ڪيو آهي اهي چون ٿا (تہ) هن (شخص) تي انهيءَ جي رب جي طرفان ڪو نشان ڇونہ لاٿو ويو آهي (حالانڪ) تون صرف آگاهہ (۽ هوشيار) ڪرڻ وارو آهين ۽ هر هڪ قوم جي لاءِ (خدا جي طرفان) هڪ رهنما (موڪليو ويو) آهي.

اَللّٰهُ يَعْلَمُ مَا تَحْمِلُ كُلُّ اُنْثٰى وَمَا تَغِيْضُ الْاَرْحَامُ وَمَا تَزْدَادُ ؕ وَكُلُّ شَيْءٍ عِنْدَهٗ بِمِقْدَارٍ ۝٩

٩۔ الله (خوب) ڄاڻي ٿو انهيءَ کي (بہ) جيڪو هر ڪا مادي کڻندي آهي ۽ جيڪي ناقص ڳڀيرڙن ڪيرائيندڙيون آهن ۽ (انهيءَ کي بہ) جنهن کي اهي وڌائينديون آهن ۽ هر هڪ شئي انهيءَ وٽ ضرورت جي مطابق موجود آهي.

عٰلِمُ الْغَيْبِ وَالشَّهَادَةِ الْكَبِيْرُ الْمُتَعَالِ ۝١٠

١٠۔ اهو غائب ۽ حاضر (ٻنهي) کي ڄاڻڻ وارو آهي. وڏي مرتبي وارو (۽) وڏي شان وارو آهي.

سَوَآءٌ مِّنْكُمْ مَّنْ اَسَرَّ الْقَوْلَ وَمَنْ جَهَرَ بِهٖ وَمَنْ هُوَ مُسْتَخْفٍ بِالَّيْلِ وَسَارِبٌ بِالنَّهَارِ ۝١١

١١۔ جيڪو توهان مان ڳالهہ لڪائي ٿو ۽ اهو بہ جيڪو انهيءَ کي ظاهر ڪري ٿو (انهيءَ جي علم جي لحاظ کان ٻئي) برابر آهن. پڻ اهو بہ جيڪو رات جو لڪي رهي ٿو ۽ جيڪو ڏينهن جو هلي ٿو.

لَهٗ مُعَقِّبٰتٌ مِّنْۢ بَيْنِ يَدَيْهِ وَمِنْ خَلْفِهٖ يَحْفَظُوْنَهٗ مِنْ اَمْرِ اللّٰهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُغَيِّرُ مَا بِقَوْمٍ حَتّٰى يُغَيِّرُوْا

١٢۔ انهيءَ جي طرفان انهيءَ (رسول) جي اڳيان بہ ۽ انهيءَ جي پٺيان بہ (هڪ ٻئي سان گڏوگڏ) اچڻ واري (ملائڪن جي) هڪ

پـڪار ضائع ٿي ويندي.

وَلِلّٰهِ يَسْجُدُ مَنْ فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ طَوْعًا وَّ
كَرْهًا وَّظِلٰلُهُمْ بِالْغُدُوِّ وَالْاٰصَالِ ﴿١٦﴾

١٦. ۽ جيڪي (وجود) آسمانن ۾ آهن يا زمين ۾ آهن ۽ انهن جا پاڇا بہ سرهڻ ٿي يا ارها ٿي (هر) صبح ۽ شام الله ئي کي سجدو ڪن ٿا.

قُلْ مَنْ رَّبُّ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ قُلِ اللّٰهُ قُلْ
اَفَاتَّخَذْتُمْ مِّنْ دُوْنِهٖٓ اَوْلِيَآءَ لَا يَمْلِكُوْنَ لِاَنْفُسِهِمْ
نَفْعًا وَّلَا ضَرًّا قُلْ هَلْ يَسْتَوِي الْاَعْمٰى وَالْبَصِيْرُ
اَمْ هَلْ تَسْتَوِي الظُّلُمٰتُ وَالنُّوْرُ اَمْ جَعَلُوْا لِلّٰهِ
شُرَكَآءَ خَلَقُوْا كَخَلْقِهٖ فَتَشَابَهَ الْخَلْقُ عَلَيْهِمْ
قُلِ اللّٰهُ خَالِقُ كُلِّ شَيْءٍ وَّهُوَ الْوَاحِدُ الْقَهَّارُ ﴿١٧﴾

١٧. تون انهن کي چؤ (تہ ٻڌايو) آسمانن ۽ زمين جو رب ڪير آهي؟ (انهيءَ جو جواب اهي تہ ڇا ڏيندا) تون (خودئي) چؤ (تہ) الله (۽ پوءِ تون انهن کي) چؤ ڇا پوءِ (بہ) توهان انهيءَ کان سواءِ (پنهنجا) اهڙا مددگار تجويز ڪري رکيا آهن جيڪي خود پنهنجي لاءِ (بہ) ڪنهن نفعي (کي حاصل ڪرڻ) جي طاقت نٿا رکن ۽ نہ ڪنهن نقصان کي روڪڻ جي (۽ انهن کي) چؤ تہ ڇا انڌو ۽ سڄو برابر (ٿي سگهي) ٿو يا ڇا اونداهي ۽ روشني برابر (ٿي سگهي) ٿي؟ ڇا انهن الله جا اهڙا شريڪ تجويز ڪيا آهن جن انهيءَ وانگر (ڪا) مخلوق پيدا ڪئي آهي جنهن جي سبباڻ (انهيءَ جي ۽ ٻين جي) مخلوق انهن لاءِ شڪي ٿي وئي آهي تون انهنکي چؤ (تہ) الله (ئي) هر شي جو خالق آهي ۽ اهو ڪامل طور تي اڪيلو (۽ هر شيءِ تي) ڪامل اختيار رکڻ وارو آهي.

اَنْزَلَ مِنَ السَّمَآءِ مَآءً فَسَالَتْ اَوْدِيَةٌۢ بِقَدَرِهَا
فَاحْتَمَلَ السَّيْلُ زَبَدًا رَّابِيًا وَمِمَّا يُوْقِدُوْنَ
عَلَيْهِ فِي النَّارِ ابْتِغَآءَ حِلْيَةٍ اَوْ مَتَاعٍ زَبَدٌ مِّثْلُهٗ
كَذٰلِكَ يَضْرِبُ اللّٰهُ الْحَقَّ وَالْبَاطِلَ فَاَمَّا الزَّبَدُ
فَيَذْهَبُ جُفَآءً وَاَمَّا مَا يَنْفَعُ النَّاسَ فَيَمْكُثُ
فِي الْاَرْضِ كَذٰلِكَ يَضْرِبُ اللّٰهُ الْاَمْثَالَ ﴿١٨﴾

١٨. انهيءَ آسمان مان ڪجهہ پاڻي وسايو پوءِ (انهيءَ مان) ڪئي واديون پنهن جي (پنهنجي) گنجائش جي مطابق وهي هليون ۽ انهيءَ سيلاب مٿي اڀي وڃڻ واري گجي کي کڻي ورتو ۽ جنهن (ڌاتوءَ) کي اهي ڪنهن زيور يا ڪنهن ٻئي گهرو استعمال جي سامان ٺاهڻ لاءِ باهہ ۾ تپائيندا آهن انهن ۾ (بہ)

انهيءَ (سيلاب) جهڙي هڪ ڳجي (هوندي) آهي اهڙيءَ طرح الله حق ۽ باطل (جي فرق) کي بيان ڪريٿو پوءِ ڳجي تہ اجلجي تباهہ ٿي ويندي آهي ۽ جيڪا شيءِ ماڻهن کي نفعو ڏيڻ واري هوندي آهي اها زمين ۾ قائم رهندي آهي الله سڀني ڳالهين کي اهڙيءَ طرح (کولي) بيان ڪندو آهي.

لِلَّذِينَ اسْتَجَابُوا لِرَبِّهِمُ الْحُسْنَىٰ ۚ وَالَّذِينَ لَمْ يَسْتَجِيبُوا
لَهُ لَوْ أَنَّ لَهُمْ مَا فِي الْأَرْضِ جَمِيعًا وَمِثْلَهُ مَعَهُ
لَافْتَدَوْا بِهِ ۚ أُولَٰئِكَ لَهُمْ سُوءُ الْحِسَابِ وَمَأْوَاهُمْ
جَهَنَّمُ ۖ وَبِئْسَ الْمِهَادُ ﴿١٩﴾ ع ٢ النصف

١٩. جن پنهن جي رب جو چيو مڃيو انهن لاءِ ڪاميابي آهي ۽ جن انهيءَ جو چوڻ نہ مڃيو (انهن جي اها حالت ٿيندي تہ) جيڪي بہ ڪي زمين ۾ آهي جيڪڏهين (سڄو) انهن جو هجي ها ۽ انهيءَ جي برابر ٻيو بہ تہ اهي انهيءَ سڄي مال کي ڏني (پنهنجي پاڻ کي عذاب کان) ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪن ها. انهن لاءِ بري انجام وارو حساب (مقدر) آهي ۽ انهن جو ٺڪاڻو جهنم آهي ۽ اهو رهڻ جي لحاظ کان تمام بري (جڳهہ) آهي.

أَفَمَنْ يَعْلَمُ أَنَّمَا أُنْزِلَ إِلَيْكَ مِنْ رَبِّكَ الْحَقُّ كَمَنْ
هُوَ أَعْمَىٰ ۚ إِنَّمَا يَتَذَكَّرُ أُولُو الْأَلْبَابِ ﴿٢٠﴾

٢٠. جيڪو شخص ڄاڻي ٿو تہ جو (ڪلام) تنهنجي رب جي طرفان توڏانهن لاٿو ويو آهي اهو بلڪل حق آهي ڇا اهو انهيءَ شخص جهڙو (ٿي سگهي) ٿو جيڪو انڌو آهي(نہ، ڇو جو) عقل رکڻ وارائي نصيحت حاصل ڪندا آهن.

الَّذِينَ يُوفُونَ بِعَهْدِ اللَّهِ وَلَا يَنْقُضُونَ الْمِيثَاقَ ﴿٢١﴾

٢١. اهڙا ماڻهو جيڪي الله (سان ڪيل) عهد کي پورو ڪن ٿا ۽ انهيءَ پڪي واعدي کي نٿا ٽوڙين.

وَالَّذِينَ يَصِلُونَ مَا أَمَرَ اللَّهُ بِهِ أَنْ يُوصَلَ وَ
يَخْشَوْنَ رَبَّهُمْ وَيَخَافُونَ سُوءَ الْحِسَابِ ﴿٢٢﴾

٢٢. ۽ جيڪي (ماڻهو) انهن تعلقات کي هميشہ قائم رکن ٿا جن جي قائم رکڻ جو الله حڪم ڏنو آهي ۽ پنهنجي رب کان ڊڄن ٿا ۽

بري (پڄاڙيءَ واري) حساب کان خوف رکن ٿا.

وَالَّذِيْنَ صَبَرُوا ابْتِغَآءَ وَجْهِ رَبِّهِمْ وَاَقَامُوا الصَّلٰوةَ وَاَنْفَقُوْا مِمَّا رَزَقْنٰهُمْ سِرًّا وَّعَلَانِيَةً وَّ يَدْرَءُوْنَ بِالْحَسَنَةِ السَّيِّئَةَ اُولٰٓئِكَ لَهُمْ عُقْبَى الدَّارِ ﴿٢٢﴾

٢٣ـ ۽ جن پنهنجي رب جي رضا جي طلب ۾ ثابت قدمي کان ڪم ورتو آهي ۽ نماز کي عمدگيءَ سان ادا ڪيو آهي ۽ جيڪي ڪي اسان انهن کي ڏنو آهي انهيء مان لڪائي (بہ) ۽ ظاهر (بہ اسان جي واٽ ۾) خرچ ڪيو آهي ۽ (جيڪي) بديءَ کي نيڪيء جي ذريعي پري ڪندا (رهن) ٿا، انهن لاءِ ئي هن گهرجي بهترين پڄاڙي (مقدر) آهي.

جَنّٰتُ عَدْنٍ يَّدْخُلُوْنَهَا وَمَنْ صَلَحَ مِنْ اٰبَآئِهِمْ وَاَزْوَاجِهِمْ وَذُرِّيّٰتِهِمْ وَالْمَلٰٓئِكَةُ يَدْخُلُوْنَ عَلَيْهِمْ مِّنْ كُلِّ بَابٍ ﴿٢٣﴾

٢٤ـ يعني مستقل رهائش جا باغ جن ۾ اهي خود (بہ) داخل ٿيندا ۽ انهن جي وڏن ۽ انهن جي زالن ۽ انهن جي نسلن مان بہ، (اهي ماڻهو) جن نيڪي اختيار ڪئي هوندي (انهيءَ ۾ داخل ٿيندا) ۽ فرشتا هر دروازي مان انهن وٽ ايندا.

سَلٰمٌ عَلَيْكُمْ بِمَا صَبَرْتُمْ فَنِعْمَ عُقْبَى الدَّارِ ﴿٢٤﴾

٢٥ـ (۽ چوندا) توهان لاءِ سلامتي آهي ڇوجو توهان ثابت قدم رهيا پوءِ (هاڻي ڏسو تہ توهان جيلاءِ) هن گهرجي ڪهڙي نہ سٺي پڄاڙي آهي.

وَالَّذِيْنَ يَنْقُضُوْنَ عَهْدَ اللّٰهِ مِنْۢ بَعْدِ مِيْثَاقِهٖ وَيَقْطَعُوْنَ مَآ اَمَرَ اللّٰهُ بِهٖٓ اَنْ يُّوْصَلَ وَيُفْسِدُوْنَ فِى الْاَرْضِ اُولٰٓئِكَ لَهُمُ اللَّعْنَةُ وَلَهُمْ سُوْٓءُ الدَّارِ ﴿٢٥﴾

٢٦ـ ۽ جيڪي الله (سان ڪيل) پڪي واعدي کي پڪي انجام کان پوء ٽوڙين ٿا ۽ جنهن تعلق جي قائم ڪرڻ جو الله حڪم ڏنو هو انهيء کي ٽڪرا ٽڪرا ڪن ٿا ۽ زمين ۾ فساد ڪن ٿا انهن لاءِ (الله جي طرفان) لعنت مقدر آهي ۽ انهن لاءِ هڪ برو گهر (بہ) مقرر آهي.

اَللّٰهُ يَبْسُطُ الرِّزْقَ لِمَنْ يَّشَآءُ وَيَقْدِرُ وَفَرِحُوْا بِالْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَمَا الْحَيٰوةُ الدُّنْيَا فِى الْاٰخِرَةِ اِلَّا

٢٧ـ الله جنهن لاءِ پسند ڪريٿو (انهيء لاءِ) رزق کي ڪشادو ڪري ڇڏي ٿو ۽ (جنهن لاءِ چاهي ٿو انهيء جي لاءِ) تنگ ڪري ڇڏي ٿو

مَتَاعٌ ﴿٢٦﴾ ع٣

۽ اهي (ماڻهو) هن دنيوي زندگيءَ تي (ئي) خوش ٿي ويا آهن. حالانڪ اها دنيوي زندگي آخرت جي مقابلي ۾ محض هڪ وقتي سامان آهي.

وَيَقُولُ الَّذِينَ كَفَرُوا لَوْلَا أُنْزِلَ عَلَيْهِ آيَةٌ مِّنْ رَّبِّهِ ۚ قُلْ إِنَّ اللَّهَ يُضِلُّ مَنْ يَشَاءُ وَيَهْدِي إِلَيْهِ مَنْ أَنَابَ ﴿٢٧﴾

٢٨- ۽ جن ماڻهن (تنهن جو) انڪار ڪيو آهي ۽ اهي چون ٿا تہ انهيءَ تي انهيءَ جي رب جي طرف کان ڪو نشان ڇو نہ لاٿو ويو آهي. تون چؤ الله جنهن کي چاهيٿو تباهہ ڪري ڇڏيٿو ۽ جيڪو (انهيءِ ڏانهن) مائل آهي انهيءِ جي پنهنجي طرف رهنمائي ڪريٿو.

الَّذِينَ آمَنُوا وَتَطْمَئِنُّ قُلُوبُهُمْ بِذِكْرِ اللَّهِ ۗ أَلَا بِذِكْرِ اللَّهِ تَطْمَئِنُّ الْقُلُوبُ ﴿٢٨﴾

٢٩- يعني جن ايمان آندو هجي ۽ انهن جون دليون الله جي ياد سان اطمينان حاصل ڪنديون هجن (انهن کي هدايت ڏئي ٿو) پوءِ سمجهو تہ الله جي يادگيريءَ ئي سان دليون اطمينان حاصل ڪن ٿيون.

الَّذِينَ آمَنُوا وَعَمِلُوا الصَّالِحَاتِ طُوبَىٰ لَهُمْ وَحُسْنُ مَآبٍ ﴿٢٩﴾

٣٠- جن ماڻهن ايمان آندو آهي ۽ انهن نيڪ (۽ مناسب حال) عمل ڪيا آهن انهن جي لاءِ (وڏي) ريس جي لائق حالت ۽ بهترين واپسيءَ جي جڳهہ (مقدر) آهي.

كَذَٰلِكَ أَرْسَلْنَاكَ فِي أُمَّةٍ قَدْ خَلَتْ مِنْ قَبْلِهَا أُمَمٌ لِّتَتْلُوَ عَلَيْهِمُ الَّذِي أَوْحَيْنَا إِلَيْكَ وَهُمْ يَكْفُرُونَ بِالرَّحْمَٰنِ ۚ قُلْ هُوَ رَبِّي لَا إِلَٰهَ إِلَّا هُوَ عَلَيْهِ تَوَكَّلْتُ وَإِلَيْهِ مَتَابِ ﴿٣٠﴾

٣١- اهڙي (قسم جي پچاڙي حاصل ڪرڻ) لاءِ اسان توکي هڪ اهڙي قوم ۾ جنهن کان پهرئين ڪيترين قومن (اچڻ واري جي واٽ ڏسندي) گذري چڪيون هيون, موڪليو آهي. انهيءَ لاءِ تہ جيڪو (ڪلام) اسان تنهن جي طرف وحي ڪيو آهي تون اهو انهنکي پڙهي ٻڌائين ڇو جو اهي رحمان (جي بخشش) جو انڪار ڪري رهيا آهن. تون چؤ هيءَ منهنجو رب آهي انهيءَ کان سواءِ ڪوبہ معبود ڪونهي انهيءَ تي مون ڀروسو ڪيو آهي ۽ انهيءَ

ڏانهن هر گهڙي منهنجو موٽڻ آهي.

وَلَوْ اَنَّ قُرْاٰنًا سُيِّرَتْ بِهِ الْجِبَالُ اَوْ قُطِّعَتْ بِهِ
الْاَرْضُ اَوْ كُلِّمَ بِهِ الْمَوْتٰى ؕ بَلْ لِّلّٰهِ الْاَمْرُ جَمِيْعًا ؕ
اَفَلَمْ يَايْـَٔسِ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اَنْ لَّوْ يَشَآءُ اللّٰهُ لَهَدَى
النَّاسَ جَمِيْعًا ؕ وَلَا يَزَالُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا تُصِيْبُهُمْ بِمَا
صَنَعُوْا قَارِعَةٌ اَوْ تَحُلُّ قَرِيْبًا مِّنْ دَارِهِمْ حَتّٰى
يَاْتِيَ وَعْدُ اللّٰهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُخْلِفُ الْمِيْعَادَ ﴿٣٢﴾ ع ٥ ١٠

٣٢- ۽ جيڪڏهن ڪو اهڙو قرآن هجي جنهنجي ذريعي (نشان طور) جبلن کي (انهن جي جڳهه کان هٽائي) هلايو ويو هجي يا انهيءَ جي ذريعي زمين کي ٽڪر (ٽڪر) ڪيو ويو هجي يا انهيءَ جي ذريعي مردن سان ڳالهيون ڪيون ويون هجن (ته ڇا هي ماڻهو انهيءَ تي ايمان آڻيندا ؟ هرگز نه) پر (ايمان آڻڻ جو) فيصلو پوريءَ طرح الله جي هٿ ۾ آهي ڇا جن (ماڻهن) ايمان آندو آهي انهن کي (اڃا تائين) معلوم نه ٿيو آهي ته جيڪڏهين الله چاهي ها ته سڀني ماڻهن کي هدايت ڏئي ها ۽ (اي رسول!) جن ماڻهن تنهن جو انڪار ڪيو آهي انهن جي انهيءَ عمل جي سببان هميشه ڪا (نه ڪا) سخت آفت انهن تي ايندي رهندي يا انهن جي گهرجي ويجهو نازل ٿيندي رهندي ايستائين جو الله جو (آخري) واعدو (يعني فتح مڪه) اچي ويندو. الله انهيء واعدي جي خلاف هرگز نه ڪندو.

وَلَقَدِ اسْتُهْزِئَ بِرُسُلٍ مِّنْ قَبْلِكَ فَاَمْلَيْتُ لِلَّذِيْنَ
كَفَرُوْا ثُمَّ اَخَذْتُهُمْ ۫ فَكَيْفَ كَانَ عِقَابِ ﴿٣٣﴾

٣٣- ۽ توکان پهرين رسولن سان (به) ٺٺولي ڪئي ويئي هئي جنهن تي مون انهن ماڻهن کي جن انڪار ڪيو هو (ڪجهه عرصي لاءِ) ڍر ڏني پوءِ مون انهن کي تباهه ڪري ڇڏيو. هاڻي ڏسو منهنجي سزا ڪهڙي (سخت) هئي.

اَفَمَنْ هُوَ قَآئِمٌ عَلٰى كُلِّ نَفْسٍۭ بِمَا كَسَبَتْ ۚ وَجَعَلُوْا لِلّٰهِ
شُرَكَآءَ ؕ قُلْ سَمُّوْهُمْ ؕ اَمْ تُنَبِّـُٔوْنَهٗ بِمَا لَا يَعْلَمُ فِى
الْاَرْضِ اَمْ بِظَاهِرٍ مِّنَ الْقَوْلِ ؕ بَلْ زُيِّنَ لِلَّذِيْنَ كَفَرُوْا

٣٤- ته ڇا اهو (خدا) جيڪو هر شخص جي عملن تي نگهبان آهي (انهن کان نه پڇندو) ۽ انهن ته الله جا ڪيترائي شريڪ (به) بنائي (ڇڏيا) آهن (انهن کي) چئُ توهان انهن

مَكْرُهُمْ وَصُدُّوْا عَنِ السَّبِيْلِ ۭ وَمَنْ يُّضْلِلِ اللّٰهُ فَمَا لَهٗ مِنْ هَادٍ ﴿٣٣﴾

(بناوٽي خدائن) جا نالا (تہ) ٻڌايو يا ڇا توهان (ماڻهو) هن (خدا) کي ڪا اهڙي ڳالهہ ٻڌائيندؤ جيڪا زمين تي موجود تہ آهي پر هو (انهيءَ کي) نٿو ڄاڻي. يا توهان صرف زبان سان اهي ڳالهيون ڪيو ٿا. پر جن ماڻهن انڪار ڪيو آهي انهن کي انهن جي (پنهنجي ٺي) ڏوکي بازي خوبصورت (شڪل ۾) ڏيکاري وئي آهي ۽ انهنکي صحيح رستي کان هٽايو ويو آهي ۽ جنهنکي الله تباهہ ڪري انهيءَ کي واٽ ڏيکارڻ وارو ڪوبہ نٿو (ملي سگهي).

لَهُمْ عَذَابٌ فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَلَعَذَابُ الْاٰخِرَةِ اَشَقُّ ۚ وَمَا لَهُمْ مِّنَ اللّٰهِ مِنْ وَّاقٍ ﴿٣٤﴾

٣٥- انهن لاءِ هڪ عذاب (تہ) هن دنيوي زندگيءَ ۾ (ٿي مقدر) آهي ۽ آخرت جو عذاب يقينن اجا (بہ) سخت هوندو ۽ انهن کي الله (جي عذاب) کان ڪوبہ بچائڻ وارو نہ هوندو.

مَثَلُ الْجَنَّةِ الَّتِيْ وُعِدَ الْمُتَّقُوْنَ ۭ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ ۭ اُكُلُهَا دَاۗىِٕمٌ وَّظِلُّهَا ۭ تِلْكَ عُقْبَى الَّذِيْنَ اتَّقَوْا ڰ وَّعُقْبَى الْكٰفِرِيْنَ النَّارُ ﴿٣٥﴾

٣٦- انهيءَ جنت جو مثالي بيان جنهن جو پرهيزگارن کي انجام ڏنو ويو آهي (اهو آهي تہ) انهيءَ جي (وڻن جي ڇانو) هيٺان نهرون وهنديون هونديون انهيءَ جو ميوو بہ هميشہ رهڻ وارو هوندو ۽ انهيءَ جي اها ڇانو (بہ). اها انهن (ماڻهن) جي پڇاڙي هوندي جن تقويٰ اختيار ڪئي ۽ انڪار ڪرڻ وارن جي پڇاڙي (دوزخ جي) باهہ آهي.

وَالَّذِيْنَ اٰتَيْنٰهُمُ الْكِتٰبَ يَفْرَحُوْنَ بِمَآ اُنْزِلَ اِلَيْكَ وَمِنَ الْاَحْزَابِ مَنْ يُّنْكِرُ بَعْضَهٗ ۭ قُلْ اِنَّمَآ اُمِرْتُ اَنْ اَعْبُدَ اللّٰهَ وَلَآ اُشْرِكَ بِهٖ ۭ اِلَيْهِ اَدْعُوْا وَاِلَيْهِ مَاٰبِ ﴿٣٦﴾

٣٧- ۽ جن ماڻهن کي اسان ڪتاب ڏنو آهي اهو هن (ڪلام الاهي) کان جيڪو توتي نازل ڪيو ويو آهي خوش ٿيندا آهن ۽ انهن (مختلف ٽولن) مان (ڪي) اهڙا (بہ) آهن جيڪي هن جي ڪجهہ (حصي) جو انڪار ڪن ٿا. تون چؤ مون کي (تہ) اهوئي حڪم

ڏنو ويو آهي تہ مان الله جي عبادت ڪريان ۽ (ڪنهن کي) انهيءَ جو شريڪ نہ ٺهرايان. مان انهيءَ ڏانهن (توهان کي) سڏيان ٿو ۽ انهيءَ ڏانهن منهنجو (بہ) موٽڻ آهي.

وَكَذٰلِكَ اَنْزَلْنٰهُ حُكْمًا عَرَبِيًّا ۭ وَلَىِٕنِ اتَّبَعْتَ اَهْوَاۗءَهُمْ بَعْدَ مَا جَاۗءَكَ مِنَ الْعِلْمِ ۙ مَا لَكَ مِنَ اللّٰهِ مِنْ وَّلِيٍّ وَّلَا وَاقٍ ﴿٣٧﴾ ع

٣٨۔ ۽ اهڙيءَ طرح اسان انهيءَ کي هڪ مفصل حڪم جي صورت ۾ لاٿو آهي ۽ (اي مخاطب) جيڪڏهن تو انهيءَ علم کانپوءِ جيڪو توکي حاصل ٿي چڪو آهي انهن (ڪافرن) جي خواهش جي پيروي ڪئي، تہ الله جي مقابلي ۾ نہ (تہ) تنهنجو ڪو دوست هوندو ۽ نہ ڪو بچائڻ وارو (هوندو).

وَلَقَدْ اَرْسَلْنَا رُسُلًا مِّنْ قَبْلِكَ وَجَعَلْنَا لَهُمْ اَزْوَاجًا وَّذُرِّيَّةً ۭ وَمَا كَانَ لِرَسُوْلٍ اَنْ يَّاْتِيَ بِاٰيَةٍ اِلَّا بِاِذْنِ اللّٰهِ ۭ لِكُلِّ اَجَلٍ كِتَابٌ ﴿٣٨﴾

٣٩۔ ۽ اسان توکان پهريائين (بہ) يقينن ڪيترائي رسول موڪليا هئا ۽ انهن کي زالون ۽ ٻار بہ ڏنا هئا ۽ ڪنهن رسول جي لاءِ ممڪن نہ هو تہ هو الله جي حڪم کانسواءِ (پنهنجي قوم وٽ) ڪو نشان آڻي. هر هڪ پروگرام جي لاءِ هڪ معياد مقرر آهي.

يَمْحُوا اللّٰهُ مَا يَشَاۗءُ وَيُثْبِتُ ښ وَعِنْدَهٗٓ اُمُّ الْكِتٰبِ ﴿٣٩﴾

٤٠۔ جنهن شيءِ کي الله چاهيندو آهي، مٽائي ڇڏيندو آهي ۽ (جنهن کي چاهيندو آهي) قائم ڪندو آهي ۽ انهيءَ وٽ (سمورن) حڪمن جو اصل (۽ بنياد) آهي.

وَاِنْ مَّا نُرِيَنَّكَ بَعْضَ الَّذِيْ نَعِدُهُمْ اَوْ نَتَوَفَّيَنَّكَ فَاِنَّمَا عَلَيْكَ الْبَلٰغُ وَعَلَيْنَا الْحِسَابُ ﴿٤٠﴾

٤١۔ ۽ جنهن (عذاب جي موڪلڻ) جو اسان انهن سان واعدو ڪندا آهيون جيڪڏهين اسان انجو ڪو حصو تنهنجي اڳيان موڪلي توکي ڏيکاريون (تہ تون بہ انهن جي پڇاڙي ڏسي وٺندين) ۽ جيڪڏهن اسان (انهيءَ گهڙيءَ کان اڳ) توکي وفات ڏيون (تہ توکي وفات بعد انهيءَ جي حقيقت معلوم ٿي ويندي ڇو تہ) تنهنجي ذمي (اسان جي حڪم ۽ پيغام

جو) صرف پهچائڻ آهي ۽ انهن جو حساب
وٺڻ اسان جي ذمي آهي.

اَوَلَمْ يَرَوْا اَنَّا نَاْتِي الْاَرْضَ نَنْقُصُهَا مِنْ اَطْرَافِهَا ؕ وَاللّٰهُ يَحْكُمُ لَا مُعَقِّبَ لِحُكْمِهٖ ؕ وَهُوَ سَرِيْعُ الْحِسَابِ ﴿۴۱﴾

٤٢- ۽ ڇا انهن ڏٺو نه آهي ته اسان ملڪ
کي انهيءَ جي سيني طرفن کان گهٽائيندا پيا
اچون ۽ فيصلو (ته) الله ڪريٿو. ڪوبه
انهيءَ جي فيصلي کي تبديل ڪرڻ وارو
ڪونهي ۽ اهو جلد حساب وٺڻ وارو آهي.

وَقَدْ مَكَرَ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ فَلِلّٰهِ الْمَكْرُ جَمِيْعًا ؕ يَعْلَمُ مَا تَكْسِبُ كُلُّ نَفْسٍ ؕ وَسَيَعْلَمُ الْكُفّٰرُ لِمَنْ عُقْبَى الدَّارِ ﴿۴۲﴾

٤٣- ۽ جيڪي ماڻهو انهن کان پهرين هئا
انهن (به نبين جي خلاف) تدبيرون ڪيون
هيون (پر انهن جي ڪابه نه هلي) پوءِ
تدبيرون ڪرڻ ته پوريءَ طرح الله ئي جي
اختيار ۾ آهي هر ڪو شخص جيڪي ڪي
(به) ڪري ٿو اهو (الله) انهيءَ کي ڄاڻي
ٿو ۽ انهن ڪافرن کي جلد ئي معلوم ٿي
ويندو ته انهيءَ اچڻ واري گهرجي (سٺي)
پڇاڙي ڪنهن جي لاءِ آهي.

وَيَقُوْلُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَسْتَ مُرْسَلًا ؕ قُلْ كَفٰى بِاللّٰهِ شَهِيْدًاۢ بَيْنِيْ وَبَيْنَكُمْ ۙ وَمَنْ عِنْدَهٗ عِلْمُ الْكِتٰبِ ﴿۴۳﴾

٤٤- ۽ جن ماڻهن تنهنجو انڪار ڪيو آهي
اهي چون ٿا ته تون خدا جو موڪليل نه
آهين. تون انهن کي چئو (ته) الله منهن جي
وچ ۽ توهان جي وچ ڪافي شاهد آهي ۽
(اهڙيءَ طرح) اهو (شخص به شاهد) آهي
جنهن وٽ هن (مقدس) ڪتاب جو علم (اچي
چڪو) آهي.

## سُوْرَةُ اِبْرٰهِيْمَ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ مَعَ الْبَسْمَلَةِ ثَلٰثٌ وَّخَمْسُوْنَ اٰيَةً وَّسَبْعَةُ رُكُوْعَاتٍ

سورت ابراهيم - هي سورت مڪي آهي، ۽ بسم الله سميت هن جون ٽيونجاھہ آيتون ۽ ست رڪوع آهن -

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ①

١-(مان الله جو نالو وٺي جيڪو بيحد ڪرم ڪرڻ وارو (۽)بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي (پڙهانٿو)

الٓرٰ قف كِتٰبٌ اَنْزَلْنٰهُ اِلَيْكَ لِتُخْرِجَ النَّاسَ مِنَ الظُّلُمٰتِ اِلَى النُّوْرِ ۙ بِاِذْنِ رَبِّهِمْ اِلٰى صِرَاطِ الْعَزِيْزِ الْحَمِيْدِ ②

٢ -مان الله ڏسڻ وارو آهيان (هي) هڪ ڪتاب آهي جنهن کي اسان توتي انهيءَ ڪري لاٿو آهي تہ تون سڀني ماڻهن کي انهن جي رب جي حڪم سان اونداهين مان ڪڍي ڪري سوجهري ڏانهن وٺي اچين - يعني غالب ۽ تعريفن واري خدا جي رستي ڏانهن.

اللّٰهِ الَّذِيْ لَهٗ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ ۗ وَوَيْلٌ لِّلْكٰفِرِيْنَ مِنْ عَذَابٍ شَدِيْدِ ③

٣ -(اهو غالب ۽ تعريف وارو خدا) الله (ئي آهي) (۽) جيڪي ڪجهہ آسمانن ۾ آهي ۽ جو زمين ۾ آهي سڀ انهيءَ جو آهي ۽ (انهي جو) انڪار ڪرڻ وارن لاءِ هڪ سخت عذاب (مقدر) آهي.

الَّذِيْنَ يَسْتَحِبُّوْنَ الْحَيٰوةَ الدُّنْيَا عَلَى الْاٰخِرَةِ وَيَصُدُّوْنَ عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَيَبْغُوْنَهَا عِوَجًا ۭ اُولٰۗىِٕكَ فِيْ ضَلٰلٍۢ بَعِيْدٍ ④

٤ -جيڪي (انڪار ڪرڻ وارا) آخرت جي مقابلي ۾ هن دنيوي زندگي کي ترجيح ڏين ٿا ۽ (ٻين ماڻهن کي بہ) الله جي رستي کان روڪين ٿا ۽ انهيءَ کي ڏنگ اختيار ڪري (حاصل ڪرڻ) چاهين ٿا. اهي ماڻهو ڏورانهينءَ گمراهي ۾ (پيل) آهن.

وَمَآ اَرْسَلْنَا مِنْ رَّسُوْلٍ اِلَّا بِلِسَانِ قَوْمِهٖ لِيُبَيِّنَ لَهُمْ ۭ فَيُضِلُّ اللّٰهُ مَنْ يَّشَاۗءُ وَيَهْدِيْ مَنْ يَّشَاۗءُ ۭ وَهُوَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ⑤

٥ -۽ هر هڪ رسول کي اسان انهيءَ جي قوم جي زبان ۾ ئي (وحي ڏيئي) موڪليو آهي انهي لاءِ تہ اهو انهن کي (اسان جون ڳالهيون) کولي ٻڌائي پوءِ (انهيءَ تدبير ڪانپوءِ) الله جنهن کي ( تباهہ ڪرڻ)

چاهيٿو تباهہ ڪريٿو ۽ جنهن کي (ڪامياب ڪرڻ) چاهيٿو انهي کي منزل مقصود تي پهچائي ڇڏي ٿو ۽ اهو ڪامل طور تي غالب (۽) دانائي جو مالڪ آهي.

وَلَقَدْ أَرْسَلْنَا مُوسَىٰ بِآيَاتِنَا أَنْ أَخْرِجْ قَوْمَكَ مِنَ الظُّلُمَاتِ إِلَى النُّورِ ۙ وَذَكِّرْهُمْ بِأَيَّامِ اللَّهِ ۚ إِنَّ فِي ذَٰلِكَ لَآيَاتٍ لِكُلِّ صَبَّارٍ شَكُورٍ ⑥

٦ -۽ (توڪان پهرين) اسان موسيٰ کي (بہ) پنهن جي نشانن سان (هي حڪم ڏيئي) موڪليو هو تہ پنهنجي قوم کي اونداهين کان ڪڍي ڪري سوجهري ڏانهن آڻ ۽ انهن کي الله جا انعام ۽ انهيءَ جا عذاب ياد ڏيار (جو جو) بلاشڪ انهيءَ ۾ هر هڪ پوري صابر (۽) پوري شڪر گذار جي لاءِ ڪيترا نشان (ملن) ٿا.

وَإِذْ قَالَ مُوسَىٰ لِقَوْمِهِ اذْكُرُوا نِعْمَةَ اللَّهِ عَلَيْكُمْ إِذْ أَنْجَاكُمْ مِنْ آلِ فِرْعَوْنَ يَسُومُونَكُمْ سُوءَ الْعَذَابِ وَيُذَبِّحُونَ أَبْنَاءَكُمْ وَيَسْتَحْيُونَ نِسَاءَكُمْ ۚ وَفِي ذَٰلِكُمْ بَلَاءٌ مِنْ رَبِّكُمْ عَظِيمٌ ⑦ ع ١٣

٧ -۽ (اي مخاطب تون انهيءَ وقت کي بہ ياد ڪر) جڏهين موسيٰ پنهنجي قوم کي چيو هو (تہ اهي منهن جي قوم!) توهان پنهنجي پاڻ تي الله جو (انهي وقت جو) انعام ياد ڪيو جڏهين انهيءَ توهان کي فرعون جي ساٿين کان اهڙي حالت ۾ بچايو هئو جڏهن اهي توهان کي سخت عذاب ڏيندا هئا. توهان جي پٽن کي ماري ڇڏيندا هئا ۽ توهانجي عورتن کي زنده رکندا هئا ۽ انهيءَ ۾ توهانجي رب جي طرفان (توهان لاءِ) وڏو (ڳرو) امتحان هو.

وَإِذْ تَأَذَّنَ رَبُّكُمْ لَئِنْ شَكَرْتُمْ لَأَزِيدَنَّكُمْ ۖ وَلَئِنْ كَفَرْتُمْ إِنَّ عَذَابِي لَشَدِيدٌ ⑧

٨ -۽ (انهيءَ وقت کي بہ ياد ڪيو) جڏهين توهانجي رب (نبين جي ذريعي) اعلان ڪيو هو تہ (اي انسان) جيڪڏهن توهان شڪرگذار بنبؤ تہ مان توهان کي اڃا وڌيڪ ڏيندس ۽ جيڪڏهن توهان نا شڪري ڪئي تہ (ياد رکو) منهنجو عذاب يقينن سخت (هوندو) آهي.

جي مرتبي کان ڏجي ۽ پڻ منهن جي ڏيکاريندڙ پيشگوئين کان ڀڄي.

وَ اسْتَفْتَحُوْا وَخَابَ كُلُّ جَبَّارٍ عَنِيْدٍ ⑮

١٦. ۽ انهن (پنهن جي) فتح لاءِ دعا ڪئي ۽ (نتيجو اهو ٿيو جو) هر هڪ سرڪش (۽) حق جو دشمن ناڪام رهيو.

مِّنْ وَّرَآئِهٖ جَهَنَّمُ وَ يُسْقٰى مِنْ مَّآءٍ صَدِيْدٍ ⑯

١٧. انهيءَ (دنيوي عذاب) کان پوءِ (انهيءَ لاءِ) جهنم (جو عذاب بہ مقدر) آهي ۽ (اتي) انهيءَ کي تيز گرم پاڻي پياريو ويندو.

يَّتَجَرَّعُهٗ وَلَا يَكَادُ يُسِيْغُهٗ وَيَأْتِيْهِ الْمَوْتُ مِنْ كُلِّ مَكَانٍ وَّمَا هُوَ بِمَيِّتٍ ۭ وَمِنْ وَّرَآئِهٖ عَذَابٌ غَلِيْظٌ ⑰

١٨. اهو انهيءَ کي ٿورو ٿورو ڪري پيئندو ۽ انهيءَ کي آسانيءَ سان ڳهي نہ سگهندو ۽ هر جڳهہ (۽ هر طرف کان) انهيءَ تي موت ايندو ۽ اهو مرندو نہ ۽ انهيءَ کان سواءِ بہ (انهيءَ لاءِ) هڪ سخت عذاب (مقرر) آهي.

مَثَلُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِرَبِّهِمْ اَعْمَالُهُمْ كَرَمَادِ ۨ اشْتَدَّتْ بِهِ الرِّيْحُ فِيْ يَوْمٍ عَاصِفٍ ۭ لَا يَقْدِرُوْنَ مِمَّا كَسَبُوْا عَلٰي شَيْءٍ ۭ ذٰلِكَ هُوَ الضَّلٰلُ الْبَعِيْدُ ⑱

١٩. جن ماڻهن پنهنجي رب (جي حڪمن) جو انڪار ڪيو آهي انهن جا عمل انهي رک وانگر آهن جنهن کي هڪ تيز آنڌيءَ واري ڏينهن هوا تيزيءَ سان (اڏاري) ڪٺي وئي هجي جيڪي ڪجهہ انهن (پنهنجي مستقبل جي لاءِ) ڪمايو آهي انهيءَ مان ڪو حصو (بہ) انهن جي هٿ نہ ايندو. اهائي وڏي درجي جي تباهي آهي.

اَلَمْ تَرَ اَنَّ اللّٰهَ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ بِالْحَقِّ ۭ اِنْ يَّشَاْ يُذْهِبْكُمْ وَيَاْتِ بِخَلْقٍ جَدِيْدٍ ⑲

٢٠. (اي مخاطب!) ڇا تو ڏٺو نہ آهي تہ الله آسمانن ۽ زمين کي حق ۽ حڪمت سان پيدا ڪيو آهي جيڪڏهن اهو چاهي تہ توهان کي تباهہ ڪري ڇڏي ۽ (توهان جي جاءِ تي) ڪا ٻي مخلوق آڻي.

وَّمَا ذٰلِكَ عَلَى اللّٰهِ بِعَزِيْزٍ ⑳

٢١. ۽ هي ڳالهہ الله جي لاءِ ڪابہ مشڪل نہ آهي.

وَبَرَزُوْا لِلّٰهِ جَمِيْعًا فَقَالَ الضُّعَفٰۗؤُا لِلَّذِيْنَ

٢٢. ۽ اهي سڀ الله جي حضور ۾ اچي بيهندا

اسْتَكْبَرُوْٓا اِنَّا كُنَّا لَكُمْ تَبَعًا فَهَلْ اَنْتُمْ مُّغْنُوْنَ عَنَّا مِنْ عَذَابِ اللّٰهِ مِنْ شَيْءٍ ۭ قَالُوْا لَوْ هَدٰىنَا اللّٰهُ لَهَدَيْنٰكُمْ ۭ سَوَاۗءٌ عَلَيْنَآ اَجَزِعْنَآ اَمْ صَبَرْنَا مَا لَنَا مِنْ مَّحِيْصٍ ﴿۲۲﴾

ع ۱۵

تڏهن (انهن مان) ڪمزور سمجهڻ وارا) تڪبر ڪرڻ وارن کي چوندا (تہ) اسان تہ توهان جي پٺيان هلڻ وارا هئاسين پوءِ ڇا توهان الله جي عذاب مان (انهي وقت) ڪجهہ اسان کان ٽاري سگهو ٿا. اهي (جواب ۾) چوندا تہ جيڪڏهن الله اسان کي هدايت ڏئي ها تہ اسان (بہ) توهان کي هدايت ڏيون ها (پر هاڻي ڇا ٿي سگهي ٿو) اسان جي بي صبري ڏيکارڻ يا اسان جو صبر ڪرڻ (هنوقت) اسان لاءِ هڪ جهڙو آهي (۽) اسان لاءِ بچاءَ جي ڪابہ صورت ڪانہ آهي.

وَقَالَ الشَّيْطٰنُ لَمَّا قُضِيَ الْاَمْرُ اِنَّ اللّٰهَ وَعَدَكُمْ وَعْدَ الْحَقِّ وَوَعَدْتُّكُمْ فَاَخْلَفْتُكُمْ ۭ وَمَا كَانَ لِيَ عَلَيْكُمْ مِّنْ سُلْطٰنٍ اِلَّآ اَنْ دَعَوْتُكُمْ فَاسْتَجَبْتُمْ لِيْ ۚ فَلَا تَلُوْمُوْنِيْ وَلُوْمُوْٓا اَنْفُسَكُمْ ۭ مَآ اَنَا بِمُصْرِخِكُمْ وَمَآ اَنْتُمْ بِمُصْرِخِيَّ ۭ اِنِّىْ كَفَرْتُ بِمَآ اَشْرَكْتُمُوْنِ مِنْ قَبْلُ ۭ اِنَّ الظّٰلِمِيْنَ لَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿۲۳﴾

۲۳- ۽ جڏهن سڄي معاملي جو فيصلو ٿي چڪو هوندو تہ شيطان (ماڻهن کي)چوندو (تہ) الله يقينن توهان سان اٽل واعدو ڪيو هو ۽ مون (بہ) توهان سان (هڪ) واعدو ڪيو هو پر مون اهو (واعدو) توهان سان پورو نہ ڪيو ۽ منهن جو توهان تي ڪوبہ زور نہ هو ها مون توهان کي پاڻ ڏانهن سڏيو ۽ توهان منهنجو چوڻ مڃيو انهيء ڪري (هاڻي) مون کي ملامت نہ ڪيو پر پنهن جي پاڻ کي ملامت ڪيو (هنوقت) نہ مان توهان جو فرياد ٻڌي سگهانٿو ۽ نہ توهان منهن جو فرياد ٻڌي سگهو ٿا. توهان جو مون کي الله جو شريڪ بنائي رکيو هو. مان توهان جي انهيء ڳالهہ جو پهرين کان انڪار ڪري چڪو آهيان (انهيء تي خدا فرمائي ٿو انهيء قسم جو شرڪ ڪرڻ وارن) ظالمن جيلاءِ يقينن دردناڪ عذاب (مقدر) آهي.

وَاُدْخِلَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ

۲۴- ۽ جن ماڻهن ايمان آندو هوندو ۽ انهن

مِنْ تَحْتِهَا الْأَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا بِإِذْنِ رَبِّهِمْ ۚ تَحِيَّتُهُمْ فِيْهَا سَلٰمٌ ﴿٢٣﴾

(نيڪ ۽) حال سارو عمل ڪيا هوندا انهن کي انهن جي رب جي حڪم سان اهڙن باغن ۾ جن جي (پاڙن) هيٺان نديون وهنديون هونديون داخل ڪيو ويندو (۽) اهي انهن (جنتن) ۾ وسندا ويندا ۽ اتي انهن جي (هڪ ٻئي لاءِ هيءَ) دعا هوندي (تہ توهان تي) سلامتي (هجي).

اَلَمْ تَرَ كَيْفَ ضَرَبَ اللّٰهُ مَثَلًا كَلِمَةً طَيِّبَةً كَشَجَرَةٍ طَيِّبَةٍ اَصْلُهَا ثَابِتٌ وَّفَرْعُهَا فِي السَّمَآءِ ﴿٢٤﴾

٢٥. (اي مخاطب!) ڇا تو ڏٺو نہ آهي (تہ) الله ڪهڙيءَ طرح هڪ ڪلام پاڪ جي متعلق حقيقت حال کي بيان ڪيو آهي اهو هڪ پاڪ وڻ وانگر هوندو آهي جنهن جي پاڙ (مضبوطيءَ سان) قائم هوندي آهي ۽ انهيءَ جي (هر هڪ) شاخ آسمان جي بلنديءَ ۾ (پهتل) هوندي آهي.

تُؤْتِيْٓ اُكُلَهَا كُلَّ حِيْنٍۢ بِإِذْنِ رَبِّهَا ۗ وَيَضْرِبُ اللّٰهُ الْاَمْثَالَ لِلنَّاسِ لَعَلَّهُمْ يَتَذَكَّرُوْنَ ﴿٢٦﴾

٢٦. اهو هر وقت پنهنجي رب جي حڪم سان پنهنجو (تازو) ميوو ڏيندو آهي ۽ الله ماڻهن لاءِ (سندن ضرورت جون) سڀ ڳالهيون بيان ڪندو آهي انهيءَ لاءِ تہ اهي نصيحت حاصل ڪن.

وَمَثَلُ كَلِمَةٍ خَبِيْثَةٍ كَشَجَرَةٍ خَبِيْثَةِ ِۨاجْتُثَّتْ مِنْ فَوْقِ الْاَرْضِ مَا لَهَا مِنْ قَرَارٍ ﴿٢٧﴾

٢٧. بڇڙي ڳالهہ جو حال بڇڙي وڻ وانگر آهي جنهن کي زمين مان پٽي (ڦٽو) ڪيو ويو هجي ۽ جنهن کي (ڪٿي بہ) آرام (حاصل) نہ هجي.

يُثَبِّتُ اللّٰهُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا بِالْقَوْلِ الثَّابِتِ فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَفِي الْاٰخِرَةِ ۚ وَيُضِلُّ اللّٰهُ الظّٰلِمِيْنَ ۙ وَيَفْعَلُ اللّٰهُ مَا يَشَآءُ ﴿٢٨﴾

٢٨. جن ماڻهن ايمان آندو آهي انهن کي الله انهيءَ قائم رهڻ واري (۽ پاڪ) ڳالهہ ذريعي (هن) دنيوي زندگيءَ ۾ (بہ) مضبوطي بخشيندو آهي ۽ آخرت (جي زندگيءَ) ۾ بہ (بخشيندو) ۽ ظالمن کي الله گمراهہ ڪندو آهي ۽ الله جيڪي چاهيندو آهي سو ڪندو آهي.

اَلَمۡ تَرَ اِلَى الَّذِيۡنَ بَدَّلُوۡا نِعۡمَتَ اللّٰهِ كُفۡرًا وَّاَحَلُّوۡا قَوۡمَهُمۡ دَارَ الۡبَوَارِ ۝٢٩

٢٩. (اي مخاطب!) ڇا تو انهن ماڻهن (جي حالت) کي (غور جي نظر سان) نه ڏٺو جن بي شڪريءَ سان الله جي نعمت کي بدلائي ڇڏيو (۽ پاڻ به تباهه ٿيا) ۽ پنهنجي قوم کي (به) تباهيءَ جي گهر ۾ (آڻي) لاٿو.

جَهَنَّمَ ۚ يَصۡلَوۡنَهَا ؕ وَبِئۡسَ الۡقَرَارُ ۝٣٠

٣٠. يعني جهنم ۾، اهي انهيءَ ۾ داخل ٿيندا ۽ اها جڳهه (رهڻ جي لحاظ کان) تمام بڇڙي آهي.

وَجَعَلُوۡا لِلّٰهِ اَنۡدَادًا لِّيُضِلُّوۡا عَنۡ سَبِيۡلِهٖ ؕ قُلۡ تَمَتَّعُوۡا فَاِنَّ مَصِيۡرَكُمۡ اِلَى النَّارِ ۝٣١

٣١. ۽ انهن الله جي هم مرتبه شريڪ بنايا آهن ته (ماڻهن کي) سندس واٽ کان ڦيرايون - تون (انهن کي) چؤ (ته چڱو، ڪجهه ڏينهن) ٿوري وقت لاءِ فائدو حاصل ڪيو. پوءِ توهان کي يقينن (دوزخ جي) باهه ڏانهن وڃڻو پوندو.

قُلۡ لِّعِبَادِىَ الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا يُقِيۡمُوا الصَّلٰوةَ وَيُنۡفِقُوۡا مِمَّا رَزَقۡنٰهُمۡ سِرًّا وَّعَلَانِيَةً مِّنۡ قَبۡلِ اَنۡ يَّاۡتِىَ يَوۡمٌ لَّا بَيۡعٌ فِيۡهِ وَلَا خِلٰلٌ ۝٣٢

٣٢. (اي رسول!) منهنجي انهن ٻانهن کي جيڪي ايمان آڻي چڪا آهن چؤ ته اهي انهيءَ ڏينهن جي اچڻ کان اڳ جنهن ۾ نڪو وڪرو (۽ سودو) هوندو ۽ نڪا گهاٽي دوستي. نماز سنواري پڙهن ۽ جيڪي اسان کين ڏنو آهي انهيءَ مان ڳجهو (به) ۽ ظاهر (به اسان جي واٽ ۾) خرچ ڪندا رهن.

اَللّٰهُ الَّذِىۡ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضَ وَاَنۡزَلَ مِنَ السَّمَآءِ مَآءً فَاَخۡرَجَ بِهٖ مِنَ الثَّمَرٰتِ رِزۡقًا لَّـكُمۡ ۚ وَسَخَّرَ لَـكُمُ الۡـفُلۡكَ لِتَجۡرِىَ فِى الۡبَحۡرِ بِاَمۡرِهٖ ۚ وَسَخَّرَ لَـكُمُ الۡاَنۡهٰرَ ۝٣٣

٣٣. الله اها (هستي) آهي جنهن آسمان ۽ زمين پيدا ڪيو آهي ۽ ڪڪرن مان پاڻي وسائي انهن جي وسيلي توهان لاءِ ميون (جي قسم) سان رزق پيدا ڪيو آهي ۽ انهيءَ ٻيڙين کي (هلائڻ واري هوا کي) سواءِ ڪنهن اجوري جي توهان جي خدمت تي لڳائي (ڇڏيو) آهي انهيءَ لاءِ ته اهي انهيءَ جي حڪم سان سمنڊ ۾ هلن . ۽ (اهڙي طرح)

درياهن کي (بہ) انهي سواءِ اجوري جي، توهان جي خدمت تي لڳائي ڇڏيو آهي.

وَسَخَّرَ لَكُمُ الشَّمْسَ وَالْقَمَرَ دَآئِبَيْنِ ۚ وَسَخَّرَ لَكُمُ الَّيْلَ وَالنَّهَارَ ﴿٣٣﴾

٣٤. ۽ سج چنڊ کي (بہ) اهي (ٻئي)، سواءِ روڪ جي (پنهنجو مقرر) ڪم ڪن ٿا ۽ انهي رات ۽ ڏينهن کي (بہ) سواءِ اجوري جي توهان جي خدمت تي لڳائي ڇڏيو آهي.

وَاٰتٰىكُمْ مِّنْ كُلِّ مَا سَاَلْتُمُوْهُ ۚ وَاِنْ تَعُدُّوْا نِعْمَتَ اللّٰهِ لَا تُحْصُوْهَا ۚ اِنَّ الْاِنْسَانَ لَظَلُوْمٌ كَفَّارٌ ﴿٣٤﴾ ع

٣٥. ۽ جيڪي (بہ) توهان انهيءَ کان گهريو انهيءَ توهان کي ڏنو آهي ۽ جيڪڏهن توهان الله جا احسان ڳڻڻ لڳو تہ انهن جو شمار نہ ڪري سگهندؤ. انسان يقيناً وڏو ظالم (۽) وڏوئي بي شڪر آهي.

وَاِذْ قَالَ اِبْرٰهِيْمُ رَبِّ اجْعَلْ هٰذَا الْبَلَدَ اٰمِنًا وَّاجْنُبْنِيْ وَبَنِيَّ اَنْ نَّعْبُدَ الْاَصْنَامَ ﴿٣٥﴾

٣٦. ۽ (اي مخاطب! انهيءَ وقت کي ياد ڪر) جڏهن ابراهيم (دعا ڪندي) چيو هو (تہ) اي منهنجا رب! هن شهر (يعني مڪي) کي امن واري (جڳهہ) بناءِ ۽ مونکي ۽ منهن جن پٽن کي هن ڳالهہ کان پري رک تہ اسان ڪوڙن معبودن جي پوڄا ڪريون.

رَبِّ اِنَّهُنَّ اَضْلَلْنَ كَثِيْرًا مِّنَ النَّاسِ ۚ فَمَنْ تَبِعَنِيْ فَاِنَّهٗ مِنِّيْ ۚ وَمَنْ عَصَانِيْ فَاِنَّكَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿٣٦﴾

٣٧. اي منهنجا رب! انهن يقيناً گهڻن ئي ماڻهن کي گمراهہ ڪري رکيو آهي پوءِ جنهن منهن جي پيروي ڪئي اهو (تہ) مونسان (تعلق رکي) ٿو ۽ جنهن منهن جي نافرماني ڪئي (انهيءَ جي متعلق بہ منهن جي اهائي خواهش آهي تہ انهيءَ کي بخشجان چو جو) تون يقيناً گهڻو بخشڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهين.

رَبَّنَآ اِنِّيْٓ اَسْكَنْتُ مِنْ ذُرِّيَّتِيْ بِوَادٍ غَيْرِ ذِيْ زَرْعٍ عِنْدَ بَيْتِكَ الْمُحَرَّمِ ۙ رَبَّنَا لِيُقِيْمُوا الصَّلٰوةَ فَاجْعَلْ اَفْئِدَةً مِّنَ النَّاسِ تَهْوِيْٓ اِلَيْهِمْ وَارْزُقْهُمْ مِّنَ الثَّمَرٰتِ لَعَلَّهُمْ يَشْكُرُوْنَ ﴿٣٧﴾

٣٨. اي اسانجا رب! مون پنهنجي اولاد مان ڪن کي تنهن جي معزز گهر جي پرسان هڪ اهڙيءَ واديءَ ۾ جنهن ۾ ڪا پوک نٿي ٿئي آڻي وسايو آهي اي منهنجا رب! (مون ائين انهيءَ ڪري ڪيو آهي) تہ اهي عمدگيءَ

سان نماز ادا ڪن. پوءِ تون ماڻهن جون دليون انهن ڏانهن جهڪاءِ ۽ انهن کي مختلف ميون مان رزق ڏيندو رهه انهيءَ لاءِ تہ اهي (هميشه تنهنجو) شڪر ڪندا رهن.

رَبَّنَآ اِنَّكَ تَعۡلَمُ مَا نُخۡفِىۡ وَمَا نُعۡلِنُ‌ؕ وَمَا يَخۡفٰى عَلَى اللّٰهِ مِنۡ شَىۡءٍ فِى الۡاَرۡضِ وَلَا فِى السَّمَآءِ ۞

٣٩. اي اسانجا رب! جو ڪجهہ اسان لڪايون ٿا ۽ جو ڪجهہ اسان ظاهر ڪريون ٿا تون يقينن سڀ ڪجهہ ڄاڻين ٿو ۽ انهي ڪان ڪابہ شي نہ زمين ۾ لڪل رهي سگهي ٿي ۽ نہ آسمان ۾.

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ الَّذِىۡ وَهَبَ لِىۡ عَلَى الۡكِبَرِ اِسۡمٰعِيۡلَ وَاِسۡحٰقَ‌ؕ اِنَّ رَبِّىۡ لَسَمِيۡعُ الدُّعَآءِ ۞

٤٠. هر (قسم جي) تعريف جو الله ئي مستحق آهي. جنهن (منهن جي) پيريءَ جي باوجود مونکي (ٻہ پٽ) اسماعيل ۽ اسحاق عطا ڪيا آهن منهن جو رب (ڏاڍو) دعائون ٻڌڻ وارو آهي.

رَبِّ اجۡعَلۡنِىۡ مُقِيۡمَ الصَّلٰوةِ وَمِنۡ ذُرِّيَّتِىۡ‌‌ۖ رَبَّنَا وَتَقَبَّلۡ دُعَآءِ ۞

٤١. (اي) منهنجا رب! مونکي ۽ منهنجي اولاد (مان هر هڪ) کي عمدگيءِ سان نماز ادا ڪرڻ وارو بناءِ (اي) اسانجا رب! (اسان تي فضل ڪر) ۽ منهن جي دعا قبول فرماءِ.

رَبَّنَا اغۡفِرۡ لِىۡ وَلِـوَالِدَىَّ وَلِلۡمُؤۡمِنِيۡنَ يَوۡمَ يَقُوۡمُ الۡحِسَابُ ۞

٤٢. (اي) اسانجا رب! جنهن ڏينهن حساب ٿيڻ وارو هجي انهيءَ ڏينهن مون کي ۽ منهن جي والدين کي ۽ سڀني مومنن کي بخشجان.

وَلَا تَحۡسَبَنَّ اللّٰهَ غَافِلًا عَمَّا يَعۡمَلُ الظّٰلِمُوۡنَ ؕ اِنَّمَا يُؤَخِّرُهُمۡ لِيَوۡمٍ تَشۡخَصُ فِيۡهِ الۡاَبۡصَارُ ۞

٤٣. ۽ (اي مخاطب) هي ظالم (مڪي وارا) جيڪي ڪجهہ ڪري رهيا آهن انهيءَ کان تون الله کي هرگز بي خبر نہ سمجهہ ـ اهو انهن کي صرف انهيءَ ڏينهن تائين ڍر ڏئي رهيو آهي جنهن ڏينهن (انهن جون) اکيون (حيرت وچان) ڦاٽيل ئي رهجي وينديون.

مُهۡطِعِيۡنَ مُقۡنِعِىۡ رُءُوۡسِهِمۡ لَا يَرۡتَدُّ اِلَيۡهِمۡ طَرۡفُهُمۡ‌ۚ

٤٤. (اهي) پنهن جي مٿن کي مٿي ڪندي خوفزده ٿي ڪري ڀڄي رهيا هوندا (۽) انهن

وَأَفْئِدَتُهُمْ هَوَاءٌ ﴿٤٣﴾

جون نظرون (موٽي) واپس نہ ايندیون ۽ انهن جون دليون (اميدن کان) خالي هونديون.

وَأَنذِرِ النَّاسَ يَوْمَ يَأْتِيهِمُ الْعَذَابُ فَيَقُولُ الَّذِينَ ظَلَمُوا رَبَّنَا أَخِّرْنَا إِلَىٰ أَجَلٍ قَرِيبٍ نُّجِبْ دَعْوَتَكَ وَنَتَّبِعِ الرُّسُلَ ۗ أَوَلَمْ تَكُونُوا أَقْسَمْتُم مِّن قَبْلُ مَا لَكُم مِّن زَوَالٍ ﴿٤٤﴾

٤٥- ۽ تون انهن ماڻهن کي انهيءَ ڏينهن کان ڊيچار جڏهن انهن تي اهو عذاب ايندو (جنهن جو واعدو ڪيو ويو آهي) جن ماڻهن ظلم جو (طريقو اختيار) ڪيو هوندو (انهيءَ وقت) چوندا (تہ اي) اسانجا رب! اسان جي معاملي کي ڪنهن (ٿوري) ويجهي مدي تائين پوئتي هٽاءِ اسان تنهنجي طرفان آيل دعوت کي قبول ڪنداسين ۽ (تنهنجي) رسولن جي پيروي ڪنداسين (جنهن تي انهن کي جواب ملندو تہ ڇا اجا حجت جي پوري ٿيڻ ۾ ڪا ڪسر باقي آهي؟) ۽ ڇا پهريائين توهان قسم (پنيان قسم) نہ کنيو هو تہ توهان تي ڪهڙي بہ نموني جو زوال نہ (ايندو).

وَسَكَنتُمْ فِي مَسَاكِنِ الَّذِينَ ظَلَمُوا أَنفُسَهُمْ وَتَبَيَّنَ لَكُمْ كَيْفَ فَعَلْنَا بِهِمْ وَضَرَبْنَا لَكُمُ الْأَمْثَالَ ﴿٤٥﴾

٤٦- حالانڪ تو انهن ماڻهن جي گهرن کي پنهنجو گهر بنائي ڇڏيو آهي جن (تو کان پهرين) پنهن جي جانين تي ظلم ڪيو هو ۽ توهان تي هي ڳالهہ خوب روشن ٿي چڪي هئي تہ انهن سان اسان ڪهڙو معاملو ڪيو هو ۽ اسان سڀئي ڳالهيون توهان لاءِ کولي بيان ڪري چڪا آهيون.

وَقَدْ مَكَرُوا مَكْرَهُمْ وَعِندَ اللَّهِ مَكْرُهُمْ وَإِن كَانَ مَكْرُهُمْ لِتَزُولَ مِنْهُ الْجِبَالُ ﴿٤٦﴾

٤٧- ۽ هي (ماڻهو) پنهنجي (هرهڪ) تدبير عمل ۾ آڻي چڪا آهن ۾ انهن جي (هرهڪ) تدبير الله وٽ (محفوظ) آهي ۽ خواهہ انهن جي تدبير اهڙي هجي جو انهيءَ جي نتيجي ۾ پهاڙ (بہ پنهنجي جاءِ تان) هٽي وڃن (هي تنهنجو ڪوبہ نقصان نہ ٿا ڪري سگهن).

فَلَا تَحْسَبَنَّ اللَّهَ مُخْلِفَ وَعْدِهِ رُسُلَهُ ۚ إِنَّ اللَّهَ

٤٨- پوءِ (اي مخاطب) تون الله کي پنهن جي رسولن سان پنهنجي واعدي جي خلاف

عَزِيْزٌ ذُو انْتِقَامٍ ۝٤٧

(معاملو) ڪرڻ وارو هر گز نہ سمجهہ ۔ الله يقينن غالب (۽ بڇڙن ڪمن جي) سزا ڏيڻ وارو آهي.

يَوْمَ تُبَدَّلُ الْاَرْضُ غَيْرَ الْاَرْضِ وَالسَّمٰوٰتُ وَبَرَزُوْا لِلّٰهِ الْوَاحِدِ الْقَهَّارِ ۝٤٨

٤٩. (۽ اهو ڏينهن ضرور اچڻ وارو آهي) جڏهن زمين ۽ آسمان بدلائي ٻيا زمين ۽ آسمان قائم ڪيا ويندا ۽ اهي (ماڻهو) الله جي سامهون هوندا جيڪو اڪيلو (۽ هر هڪ شي تي) ڪامل غلبو رکڻ وارو آهي.

وَتَرَى الْمُجْرِمِيْنَ يَوْمَئِذٍ مُّقَرَّنِيْنَ فِي الْاَصْفَادِ ۝٤٩

٥٠. ۽ انهيءَ ڏينهن تون انهن گنهگارن کي زنجيرن ۾ جڪڙيل ڏسندين.

سَرَابِيْلُهُمْ مِّنْ قَطِرَانٍ وَّتَغْشٰى وُجُوْهَهُمُ النَّارُ ۝٥٠

٥١. انهن جا ڪڙتا (چڻ) تارڪول جا ٺهيل (ڪارا نحس) هوندا ۽ (دوزخ جي) باهہ انهن جي منهن کي وڪوڙي رهي هوندي.

لِيَجْزِيَ اللّٰهُ كُلَّ نَفْسٍ مَّا كَسَبَتْ اِنَّ اللّٰهَ سَرِيْعُ الْحِسَابِ ۝٥١

٥٢. (اهو انهيءَ ڪري هوندو) تہ الله هر شخص کي جيڪي ڪجهہ انهي (پنهنجي لاءِ) ڪيو هوندو انهيءَ جو بدلو ڏئي. الله يقينن جلد حساب وٺڻ وارو آهي.

هٰذَا بَلٰغٌ لِّلنَّاسِ وَلِيُنْذَرُوْا بِهٖ وَلِيَعْلَمُوْٓا اَنَّمَا هُوَ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ وَّلِيَذَّكَّرَ اُولُوا الْاَلْبَابِ ۝٥٢ ع

٥٣. هيءُ (ذڪر) ماڻهن جي (نصيحت حاصل ڪرڻ جي) لاءِ ڪافي آهي ۽ انهيءَ ڳالهہ جي لاءِ (بہ) تہ انهن کي (اچڻ واري عذاب کان پوريءَ طرح) هوشيار ڪيو وڃي ۽ انهيءَ لاءِ بہ تہ انهن کي معلوم ٿي وڃي تہ الله ٿي صرف هڪ حقيقي معبود آهي ۽ انهيءَ لاءِ (بہ) تہ عقل وارا (ماڻهو) نصيحت حاصل ڪن.

يقينن چريو آهين.

لَوْ مَا تَأْتِيْنَا بِالْمَلٰٓئِكَةِ اِنْ كُنْتَ مِنَ الصّٰدِقِيْنَ ⑧

٨- جيڪڏهن تون سچو آهين ته ڇو ملائڪن کي اسان وٽ نه ٿو آڻين.

مَا نُنَزِّلُ الْمَلٰٓئِكَةَ اِلَّا بِالْحَقِّ وَمَا كَانُوْٓا اِذًا مُّنْظَرِيْنَ ⑨

٩- (ڇا انهن کي معلوم ڪونهي ته) اسان (جڏهن به) فرشتن کي (لاهيندا آهيون ته) حق جي مطابق لاهيندا آهيون ۽ (جڏهن انهن کي ڪافرن جي لاءِ لاهيندا آهيون ته) انهيءَ وقت انهن کي (يعني ڪافرن کي ٿورڙي به) مهلت نه ڏني ويندي آهي.

اِنَّا نَحْنُ نَزَّلْنَا الذِّكْرَ وَاِنَّا لَهٗ لَحٰفِظُوْنَ ⑩

١٠- هن ذڪر ( يعني قرآن) کي اسان ئي لاٿو آهي ۽ اسان يقينن انهيءَ جي حفاظت ڪنداسين.

وَلَقَدْ اَرْسَلْنَا مِنْ قَبْلِكَ فِيْ شِيَعِ الْاَوَّلِيْنَ ⑪

١١- ۽ اسان ڳذريل (زماني جي). ماڻهن جي جماعتن ۾ (به) توکان پهرئين رسول موڪليا هئا.

وَمَا يَاْتِيْهِمْ مِّنْ رَّسُوْلٍ اِلَّا كَانُوْا بِهٖ يَسْتَهْزِءُوْنَ ⑫

١٢- ۽ جيڪو رسول به انهن وٽ ايندو هو، اهي انهيءَ تي کلون ڪندا هئا.

كَذٰلِكَ نَسْلُكُهٗ فِيْ قُلُوْبِ الْمُجْرِمِيْنَ ⑬

١٣- اهڙيءَ طرح اسان انهي (ٺٺوليءَ جي عادت ) کي گنهگارن جي دلين ۾ مضبوط ڪندا آهيون.

لَا يُؤْمِنُوْنَ بِهٖ وَقَدْ خَلَتْ سُنَّةُ الْاَوَّلِيْنَ ⑭

١٤- اهي (ماڻهو) هن (قرآن) تي ايمان نٿا آڻين جيتوڻيڪ پهرين (جيلاءِ الله) جي سنت گذري چڪي آهي.

وَلَوْ فَتَحْنَا عَلَيْهِمْ بَابًا مِّنَ السَّمَآءِ فَظَلُّوْا فِيْهِ يَعْرُجُوْنَ ⑮

١٥- ۽ جيڪڏهن (سمجهو ته) اسان انهن تي (سچائپ جي) ڪا آسماني واٽ کولي (به) ڇڏيون ها ۽ اهي انهيءَ مان (فائدو وٺي) حقيقت کي سمجهڻ به لڳن ها.

لَقَالُوْٓا اِنَّمَا سُكِّرَتْ اَبْصَارُنَا بَلْ نَحْنُ قَوْمٌ مَّسْحُوْرُوْنَ ⑯

١٦- ته (به) اهي (ائين ئي) چون ها (ته) محض اسان جي اکين تي پردو وڌو ويو آهي (نه ته حقيقت ڪجهه به نه آهي) پر

اسان (مٿن) تي (ڪو) جادو ڪيو ويو آهي.

وَلَقَدْ جَعَلْنَا فِي السَّمَاءِ بُرُوجًا وَزَيَّنَّاهَا لِلنَّاظِرِينَ ﴿١٦﴾

١٧- ۽ يقينن اسان آسمان ۾ (تارن جون) ڪيتريون منزلون ٺاهيون آهن ۽ اسان انهيءَ کي ڏسڻ وارن لاءِ خوبصورت ٺاهيو آهي.

وَحَفِظْنَاهَا مِن كُلِّ شَيْطَانٍ رَّجِيمٍ ﴿١٧﴾

١٨- ۽ (پڻ) اسان انهيءَ کي هر هڪ سرڪش (۽) ڌڪاريل (وجود جي پهچ) کان محفوظ ڪري ڇڏيو آهي.

إِلَّا مَنِ اسْتَرَقَ السَّمْعَ فَأَتْبَعَهُ شِهَابٌ مُّبِينٌ ﴿١٨﴾

١٩- پر جيڪو شخص چوريءَ (وحي الهيءَ جي) ڪا ڳالهه ٻڌي وٺي (۽ انهيءَ کي بگاڙي ڦيلا ئي) تہ انهيءَ جي پويان هڪ روشن شعلو لڳايو ويندو آهي.

وَالْأَرْضَ مَدَدْنَاهَا وَأَلْقَيْنَا فِيهَا رَوَاسِيَ وَأَنبَتْنَا فِيهَا مِن كُلِّ شَيْءٍ مَّوْزُونٍ ﴿١٩﴾

٢٠- ۽ اسان زمين کي پکيڙيو آهي ۽ انهيءَ ۾ اسان مضبوط جبل قائم ڪيا آهن ۽ (پڻ) اسان انهيءَ ۾ هر قسم جي مناسب شين کي (پيدا ڪيو ۽) وڌايو آهي.

وَجَعَلْنَا لَكُمْ فِيهَا مَعَايِشَ وَمَن لَّسْتُمْ لَهُ بِرَازِقِينَ ﴿٢٠﴾

٢١- ۽ انهيءَ ۾ اسان توهان جي لاءِ ۽ (هر هڪ) انهيءَ (مخلوق) جيلاءِ جنهن کي توهان زرق نٿا ڏيو روزيءَ جا سامان پيدا ڪيا آهن.

وَإِن مِّن شَيْءٍ إِلَّا عِندَنَا خَزَائِنُهُ وَمَا نُنَزِّلُهُ إِلَّا بِقَدَرٍ مَّعْلُومٍ ﴿٢١﴾

٢٢- ۽ ڪابہ اهڙي شي ڪانهي جنهن جا (غير محدود) خزانہ اسان وٽ نہ هجن پر اسان انهن کي هڪ مقرر ڪيل اندازي موجب ئي لاهيندا آهيون.

وَأَرْسَلْنَا الرِّيَاحَ لَوَاقِحَ فَأَنزَلْنَا مِنَ السَّمَاءِ مَاءً فَأَسْقَيْنَاكُمُوهُ وَمَا أَنتُمْ لَهُ بِخَازِنِينَ ﴿٢٢﴾

٢٣- ۽ اسان (بخارن کي) کڻڻ واريون هوائون (بہ) ڇڏي ڏنيون آهن ۽ (انهن جي ذريعي) اسان ڪڪرن مان پاڻي وسايو آهي. پوءِ اهو توهان کي پياريو آهي ۽ توهان پاڻ انهيءَ کي محفوظ رکي نہ ٿي سگهيا (پر انهيءَ ذريعي سان اسان انهيءَ کي محفوظ ڪري

جڏيو آهي).

وَاِنَّا لَنَحْنُ نُحْيٖ وَنُمِيْتُ وَنَحْنُ الْوٰرِثُوْنَ ﴿٢٣﴾

۲۴. ۽ يقينَ اسان ئي جيئرو ڪيون ۽ ماريون ٿا ۽ اسان ئي (سڀني جا) وارث آهيون.

وَلَقَدْ عَلِمْنَا الْمُسْتَقْدِمِيْنَ مِنْكُمْ وَلَقَدْ عَلِمْنَا الْمُسْتَاْخِرِيْنَ ﴿٢٤﴾

۲۵. ۽ اسان توهان ڪان اڳتي نڪري وڃڻ وارن کي (به) ڄاڻون ٿا ۽ (اهڙيءَ طرح) اسان (توهان ڪان) پوئتي رهجي وڃڻ وارن کي (به) ڄاڻون ٿا.

وَاِنَّ رَبَّكَ هُوَ يَحْشُرُهُمْ ۭ اِنَّهٗ حَكِيْمٌ عَلِيْمٌ ﴿٢٥﴾ ع ۲

۲۶. ۽ يقينَ تنهن جو رب ئي انهن کي جمع ڪندو. اهو حڪمت وارو (۽) گهڻو ڄاڻڻ وارو آهي.

وَلَقَدْ خَلَقْنَا الْاِنْسَانَ مِنْ صَلْصَالٍ مِّنْ حَمَاٍ مَّسْنُوْنٍ ﴿٢٦﴾ۚ

۲۷. ۽ انسان کي اسان آواز ڏيڻ واري مٽيءَ مان يعني ڪاري گاري مان جنهن جي شڪل تبديل ٿي وئي هئي پيدا ڪيو آهي.

وَالْجَاۗنَّ خَلَقْنٰهُ مِنْ قَبْلُ مِنْ نَّارِ السَّمُوْمِ ﴿٢٧﴾

۲۸. ۽ (انهيءَ ڪان) پهرين جنن کي اسان سخت گرم هوا جي (قسم جي) باهه مان پيدا ڪيو هو.

وَاِذْ قَالَ رَبُّكَ لِلْمَلٰۗىِٕكَةِ اِنِّىْ خَالِقٌۢ بَشَرًا مِّنْ صَلْصَالٍ مِّنْ حَمَاٍ مَّسْنُوْنٍ ﴿٢٨﴾

۲۹. ۽ (اي مخاطب انهيءَ وقت کي ياد ڪر) جڏهن تنهنجي رب فرشتن کي چيو هو (ته) مان آواز ڏيڻ واري مٽي يعني ڪاري گاري مان جنهن جي شڪل تبديل ٿي چڪي هجي هڪ بشر پيدا ڪرڻ وارو آهيان.

فَاِذَا سَوَّيْتُهٗ وَنَفَخْتُ فِيْهِ مِنْ رُّوْحِيْ فَقَعُوْا لَهٗ سٰجِدِيْنَ ﴿٢٩﴾

۳۰. پوءِ جڏهن مان انهيءَ کي مڪمل ڪريان ۽ انهيءَ (جي دل) ۾ پنهن جو ڪلام وجهان ته توهان سڀئي انهيءَ سان گڏ سجدو ڪندي (الله جي حضور) ڪري پئجو.

فَسَجَدَ الْمَلٰۗىِٕكَةُ كُلُّهُمْ اَجْمَعُوْنَ ﴿٣٠﴾ۙ

۳۱. جنهن تي سڀني فرشتن (انهيءَ سان گڏ خدا کي) سجدو ڪيو.

اِلَّآ اِبْلِيْسَ ۭ اَبٰٓى اَنْ يَّكُوْنَ مَعَ السّٰجِدِيْنَ ﴿٣١﴾

۳۲. سواءِ ابليس جي (جو) انهيءَ (خدا کي خالص) سجدو ڪرڻ وارن سان (گڏجي) سجدي ڪرڻ کان انڪار ڪيو.

قَالَ يٰٓاِبْلِيْسُ مَا لَكَ اَلَّا تَكُوْنَ مَعَ السّٰجِدِيْنَ ﴿٣٢﴾

٣٣. (انهيءَ تي خدا) فرمايو (تہ) اي ابليس! توکي ڇا ٿيو جو تون (خالص انهيءَ جي حضور) سجدي ڪرڻ وارن سان گڏ نہ ٿيو ٿين.

قَالَ لَمْ اَكُنْ لِّاَسْجُدَ لِبَشَرٍ خَلَقْتَهٗ مِنْ صَلْصَالٍ مِّنْ حَمَاٍ مَّسْنُوْنٍ ﴿٣٣﴾

٣۴. انهيءَ چيو مان اهڙو ناهيان جو هڪ اهڙي بشر جي طريقي تي هلي فرمانبرداري اختيار ڪيان جنهن کي تو آواز ڏيڻ واري مٽي مان يعني اهڙي ڪاري گاري مان جنهن جي شڪل تبديل ٿي چڪي هئي پيدا ڪيو آهي.

قَالَ فَاخْرُجْ مِنْهَا فَاِنَّكَ رَجِيْمٌ ﴿٣۴﴾

٣٥. فرمايائين (جيڪڏهن تنهنجو اهو خيال آهي) تہ تون انهيءَ (جاءِ) مان نڪري وڃ جو تون يقينن ترڙيل آهين.

وَّاِنَّ عَلَيْكَ اللَّعْنَةَ اِلٰى يَوْمِ الدِّيْنِ ﴿٣٥﴾

٣٦. ۽ (ياد رک تہ) جزا (۽ سزا) جي ڏينهن تائين توتي (منهن جي) لعنت رهندي.

قَالَ رَبِّ فَاَنْظِرْنِيْٓ اِلٰى يَوْمِ يُبْعَثُوْنَ ﴿٣٦﴾

٣٧. انهي چيو (تہ) اي منهنجا رب (جيڪڏهن تون فورن مون کي سزا نٿو ڏين تہ) تون مون کي انهن جي (ٻيهر) اٿارڻ واري ڏينهن تائين مهلت ڏي.

قَالَ فَاِنَّكَ مِنَ الْمُنْظَرِيْنَ ﴿٣٧﴾

٣٨. فرمايائين: تون مهلت حاصل ڪرڻ وارن مان هوندين.

اِلٰى يَوْمِ الْوَقْتِ الْمَعْلُوْمِ ﴿٣٨﴾

٣٩. انهيءَ مقرر وقت تائين (جنهن جو ذڪر مٿي ٿي چڪو آهي).

قَالَ رَبِّ بِمَآ اَغْوَيْتَنِيْ لَاُزَيِّنَنَّ لَهُمْ فِي الْاَرْضِ وَلَاُغْوِيَنَّهُمْ اَجْمَعِيْنَ ﴿٣٩﴾

۴٠. انهي چيو (تہ) اي منهنجا رب جيئن تہ تو مونکي گمراهہ قرار ڏنو آهي مان ضرور انهن لاءِ دنيا ۾ (گمراهيءَ کي) خوبصورت ڪري ڏيکاريندس ۽ انهن سڀني کي گمراهہ ڪري ڇڏيندس.

اِلَّا عِبَادَكَ مِنْهُمُ الْمُخْلَصِيْنَ ﴿۴٠﴾

۴١. پر جيڪي تنهنجا سچا ٻانها آهن (۽ جيڪي منهنجي فريب ۾ نہ ٿا اچي سگهن

متعلق (بہ) خبر ڏي.

إِذْ دَخَلُوا عَلَيْهِ فَقَالُوا سَلٰمًا ۗ قَالَ إِنَّا مِنْكُمْ وَجِلُوْنَ ﴿٥٣﴾

٥٣. جڏهن اهي انهن وٽ آيا ۽ چيائون (تہ اسان تو کي) سلام (چئون ٿا) تہ انهيءَ چيو (تہ) اسان تہ (توهان جي اچڻ جي سبب کان) ڊڄي رهيا آهيون.

قَالُوْا لَا تَوْجَلْ إِنَّا نُبَشِّرُكَ بِغُلٰمٍ عَلِيْمٍ ﴿٥٤﴾

٥٤. انهن چيو (تہ) تون خوف نہ ڪر اسان توکي هڪ وڏي علم (حاصل ڪرڻ) واري نينگر جي بشارت ڏيون ٿا.

قَالَ أَبَشَّرْتُمُوْنِيْ عَلٰٓى أَنْ مَّسَّنِيَ الْكِبَرُ فَبِمَ تُبَشِّرُوْنَ ﴿٥٥﴾

٥٥. انهيءَ چيو (تہ) ڇا توهان منهن جي پوڙهي ٿي وڃڻ جي باوجود مونکي هي خوشخبري ڏني آهي پوءِ (ٻڌايو تہ) ڪهڙي طرح توهان مونکي (هيءَ) خوشخبري ڏيو ٿا.

قَالُوْا بَشَّرْنٰكَ بِالْحَقِّ فَلَا تَكُنْ مِّنَ الْقٰنِطِيْنَ ﴿٥٦﴾

٥٦. انهن چيو (تہ) اسان توکي سچي خوشخبري ڏني آهي، پوءِ تون نا اميد نہ ٿيءُ.

قَالَ وَمَنْ يَّقْنَطُ مِنْ رَّحْمَةِ رَبِّهٖٓ إِلَّا الضَّآلُّوْنَ ﴿٥٧﴾

٥٧. انهيءَ چيو (تہ مان ڪئين نا اميد ٿي سگهان ٿو) ۽ گمراهن کانسواءِ پنهنجي رب جي رحمت کان ڪير نا اميد ٿئي ٿو.

قَالَ فَمَا خَطْبُكُمْ أَيُّهَا الْمُرْسَلُوْنَ ﴿٥٨﴾

٥٨. (پوءِ) چيائين (تہ چڱو) تہ اي (خدا جا) موڪليل ملائڪو (اهو) توهان جو اهم ڪم ڪهڙو آهي؟ جنهن جي لاءِ توهان کي موڪليو ويو آهي.

قَالُوْٓا إِنَّآ أُرْسِلْنَآ إِلٰى قَوْمٍ مُّجْرِمِيْنَ ﴿٥٩﴾

٥٩. انهن چيو (تہ) اسان کي هڪ مجرم قوم ڏانهن (انهن جي تباهيءَ جي لاءِ) موڪليو ويو آهي.

إِلَّآ اٰلَ لُوْطٍ ۗ إِنَّا لَمُنَجُّوْهُمْ أَجْمَعِيْنَ ﴿٦٠﴾

٦٠. سواءِ لوط جي پوئلڳن جي (جو) انهن سڀني کي اسان بچائينداسين.

إِلَّا امْرَأَتَهٗ قَدَّرْنَآ ۙ إِنَّهَا لَمِنَ الْغٰبِرِيْنَ ﴿٦١﴾ ع

٦١. ها انهيءَ جي زال جي متعلق اسانجو اندازو آهي تہ اها پوئتي رهڻ (۽ تباهہ

قَالُوْٓا اَوَلَمْ نَنْهَكَ عَنِ الْعٰلَمِيْنَ ۝٧١

٧١ انهن چيو ڇا اسان توکي هر ڪنهن نئين نوين کي پاڻوٽ رهائڻ کان روڪيو نہ هو.

قَالَ هٰٓؤُلَآءِ بَنٰتِيْٓ اِنْ كُنْتُمْ فٰعِلِيْنَ ۝٧٢

٧٢ انهيءَ چيو (تہ) جيڪڏهن توهان کي (منهن جي خلاف) ڪجهہ ڪرڻو (ئي) آهي تہ هي منهنجون نياڻيون (توهان ۾ موجود ئي) آهن (جيڪي ڪافي ضمانت آهن).

لَعَمْرُكَ اِنَّهُمْ لَفِيْ سَكْرَتِهِمْ يَعْمَهُوْنَ ۝٧٣

٧٣ (اي اسانجا نبي !) تنهن جي زندگيءَ جو قسم (تہ) هي (تنهنجا مخالف بہ) يقينن (انهن ئي وانگر) پنهنجي مستيءَ ۾ حيران رهيا آهن.

فَاَخَذَتْهُمُ الصَّيْحَةُ مُشْرِقِيْنَ ۝٧٤

٧٤ انهيءَ تي انهيءَ (واعدي ڪيل) عذاب انهن (يعني لوط جي قوم کي) ڏينهن چڙهندي (ئي) پڪڙي ورتو.

فَجَعَلْنَا عَالِيَهَا سَافِلَهَا وَاَمْطَرْنَا عَلَيْهِمْ حِجَارَةً مِّنْ سِجِّيْلٍ ۝٧٥

٧٥ جنهن تي اسان انهيءَ بستيءَ جي مٿين سطح کي انهيءَ جو هيٺئين سطح ڪري ڇڏيو ۽ انهن تي پڪل مٽيءَ جا پٿر وساياسون.

اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّلْمُتَوَسِّمِيْنَ ۝٧٦

٧٦ هن (ذڪر) ۾ دانائي کان ڪم وٺڻ وارن لاءِ يقينن ڪيترا نشان آهن.

وَاِنَّهَا لَبِسَبِيْلٍ مُّقِيْمٍ ۝٧٧

٧٧ ۽ اها (ڪا گمنام جڳهہ نہ آهي پر) هڪ وڏي مستقل رستي تي (بيٺل) آهي.

اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً لِّلْمُؤْمِنِيْنَ ۝٧٨

٧٨ هن (واقعي) ۾ مومنن (جي فائدي) لاءِ يقينن هڪ نشان (موجود) آهي.

وَاِنْ كَانَ اَصْحٰبُ الْاَيْكَةِ لَظٰلِمِيْنَ ۝٧٩

٧٩ ۽ ايڪہ وارا (بہ) يقينن ظالم هئا.

فَانْتَقَمْنَا مِنْهُمْ وَاِنَّهُمَا لَبِاِمَامٍ مُّبِيْنٍ ۝٨٠

٨٠ انهيءَ ڪري اسان انهن کي بہ (اهڙي طرح سخت) سزا ڏني هئي ۽ اهي ٻئي (جايون) هڪ (صاف ۽) واضح رستي تي (واقع) آهن.

وَلَقَدْ كَذَّبَ اَصْحٰبُ الْحِجْرِ الْمُرْسَلِيْنَ ۝٨١

٨١ حجر وارن (بہ) يقينن (اسان جي) پيغمبرن کي ڪوڙو ڪيو هو.

وَاٰتَيْنٰهُمْ اٰيٰتِنَا فَكَانُوْا عَنْهَا مُعْرِضِيْنَ ﴿٨١﴾

٨٢ـ ۽ انهن کي (بہ) اسان پنهنجا (هر قسم جا) نشان ڏنا هئا جنهن جو نتيجو (ويتر) هي ٿيو جو اهي انهن کان منهن موڙي ويا.

وَكَانُوْا يَنْحِتُوْنَ مِنَ الْجِبَالِ بُيُوْتًا اٰمِنِيْنَ ﴿٨٢﴾

٨٣ـ ۽ اهي جبلن جي کن حصن کي کٽي امن سان (زندگي بسر ڪندي) گهر ٺاهيندا هئا.

فَاَخَذَتْهُمُ الصَّيْحَةُ مُصْبِحِيْنَ ﴿٨٣﴾

٨٤ـ ۽ (وعيد جي مطابق) صبح ٿيندي (ئي) انهيءَ (واعدي ڪيل) عذاب انهن اچي ورتو.

فَمَآ اَغْنٰى عَنْهُمْ مَّا كَانُوْا يَكْسِبُوْنَ ﴿٨٤﴾

٨٥ـ ۽ جيڪو (مال) اهي جمع ڪندا هئا انهيءَ انهن کي (انهيءَ وقت) ڪجهہ بہ فائدو نہ ڏنو.

وَمَا خَلَقْنَا السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ وَمَا بَيْنَهُمَآ اِلَّا بِالْحَقِّ ۗ وَاِنَّ السَّاعَةَ لَاٰتِيَةٌ فَاصْفَحِ الصَّفْحَ الْجَمِيْلَ ﴿٨٥﴾

٨٦ـ ۽ اسان آسمانن ۽ زمين کي ۽ جو ڪجهہ انهن ٻنهي جي وچم آهي حق (۽حڪمت) سان پيدا ڪيو آهي ۽ اها (واعدي ڪيل) گهڙي يقينن اچڻ واري آهي انهيءَ ڪري تون (انهن جي زيادتين تي) گهٽي درگذر کان ڪم وٺ.

اِنَّ رَبَّكَ هُوَ الْخَلّٰقُ الْعَلِيْمُ ﴿٨٦﴾

٨٧ـ يقينن تنهنجو رب گهڻو پيدا ڪرڻ وارو (۽) ۽ ڏاڍو ڄاڻڻ وارو آهي.

وَلَقَدْ اٰتَيْنٰكَ سَبْعًا مِّنَ الْمَثَانِيْ وَالْقُرْاٰنَ الْعَظِيْمَ ﴿٨٧﴾

٨٨ـ ۽ اسان يقينن توکي ست دهرائڻ واريون (آيتون) ۽ (تمام وڏي) عظمت وارو قرآن ڏنو آهي.

لَا تَمُدَّنَّ عَيْنَيْكَ اِلٰى مَا مَتَّعْنَا بِهٖٓ اَزْوَاجًا مِّنْهُمْ وَلَا تَحْزَنْ عَلَيْهِمْ وَاخْفِضْ جَنَاحَكَ لِلْمُؤْمِنِيْنَ ﴿٨٨﴾

٨٩ـ ۽ جيڪو اسان انهن مان ڪيترن ٽولن کي (عارضي نفع جو) سامان ڏنو آهي انهيءَ ڏانهن اکيون پٽي نہ ڏس ۽ انهن (جي تباهي) ڏسي غم نہ ڪر ۽ مومنن تي پنهنجي (شفقت جي) ڳراٽي وجهي رک.

وَقُلْ اِنِّيْٓ اَنَا النَّذِيْرُ الْمُبِيْنُ ﴿٨٩﴾

٩٠ـ تون چؤ مان هڪ ظاهر ظهور هوشيار ڪرڻ وارو آهيان.

كَمَآ اَنْزَلْنَا عَلَى الْمُقْتَسِمِيْنَ ﴿٩٠﴾

٩١ـ انهيءَ ڪري جو (خدا چويٿو تہ) اسان انهن (ماڻهن) لاءِ (بہ) عذاب مقرر ڪري

سُوْرَةُ النَّحْلِ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ مَعَ الْبَسْمَلَةِ مِائَةٌ وَّتِسْعٌ وَّعِشْرُوْنَ اٰيَةً وَّسِتَّةَ عَشَرَ رُكُوْعًا

**سورت نحل:۔ هيءَ سورت مڪي آهي ۽ بسم الله سميت هن جون هڪ سئو اڻٽيهه آيتون ۽ سورنهن رڪوع آهن.**

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ①

١۔ (مان) الله جو نالو وٺي جيڪو بيحد ڪرم ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي (پڙهانٿو)

اَتٰۤى اَمْرُ اللّٰهِ فَلَا تَسْتَعْجِلُوْهُ ؕ سُبْحٰنَهٗ وَ تَعٰلٰى عَمَّا يُشْرِكُوْنَ ②

٢۔ (اي منڪرو!) الله جو حڪم جاڻ اچڻ وارو آهي، انهيءَ ڪري (هاڻي) توهان انهيءَ جي جلد اچڻ جو مطالبو نه ڪيو. اها پاڪ (ذات) آهي ۽ جيڪي (ڳالهيون) اهي (ڪافر) شرڪ جي متعلق چون ٿا اهو انهن کان گهڻو مٿي آهي.

يُنَزِّلُ الْمَلٰٓئِكَةَ بِالرُّوْحِ مِنْ اَمْرِهٖ عَلٰى مَنْ يَّشَآءُ مِنْ عِبَادِهٖۤ اَنْ اَنْذِرُوْۤا اَنَّهٗ لَاۤ اِلٰهَ اِلَّاۤ اَنَا فَاتَّقُوْنِ ③

٣۔ اهو فرشتن کي پنهنجي ٻانهن تي جن کي اهو پسند ڪندو آهي پنهنجي حڪم سان ڪلام ڏئي لاهيندو آهي (۽ رسولن کي چوندو آهي) ته (ماڻهن کي) خبر ڏيو ته ڳالهه اهائي صحيح آهي ته مون کان سواءِ ڪو به (سچو) معبود نه آهي. تنهنڪري توهان (تڪليف کان) پنهن جي بچاءَ جو ذريعو مونکي بنايو.

خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ بِالْحَقِّ ؕ تَعٰلٰى عَمَّا يُشْرِكُوْنَ ④

٤۔ انهيءَ آسمانن ۽ زمين کي حق (۽ حڪمت) سان پيدا ڪيو آهي (۽) انهن جي مشرڪانه خيالن کان اهو تمام گهڻو مٿي آهي.

خَلَقَ الْاِنْسَانَ مِنْ نُّطْفَةٍ فَاِذَا هُوَ خَصِيْمٌ مُّبِيْنٌ ⑤

٥۔ انهي انسان کي هڪ (حقير) نطفي مان پيدا ڪيو آهي پوءِ (پنهنجي پاڻ کي ايترو وڏو سمجهڻ لڳيٿو جو اسان جي باري ۾) ظاهر ظهور فسادي بنجي وڃي ٿو.

وَالْاَنْعَامَ خَلَقَهَا ۚ لَكُمْ فِيْهَا دِفْءٌ وَّمَنَافِعُ وَمِنْهَا

٦۔ ۽ چوپاين کي به (الله پيدا ڪيو آهي ۽

تَأْكُلُوْنَ ۝٦

انهن کي) اهڙو بنايو اٿس جو انهن ۾ توهان لاءِ گرميءَ جو سامان آهي ۽ (ٻيا ٻه) کيترا نفعا آهن ۽ توهان اِنهن (جي گوشت) جو ڪجهه حصو کائو ٿا.

وَلَكُمْ فِيهَا جَمَالٌ حِينَ تُرِيحُونَ وَحِينَ تَسْرَحُونَ ۝٧

٧ ۽ (انهيءَ ڪان سواءِ) جڏهن توهان انهن کي چاري شام جو (انهن جي وٿاڻن ڏانهن) واپس آڻيو ٿا ته انهيءَ ۾ هڪ قسم جي زينت جو سامان هوندو آهي اهڙيءَ طرح انهيءَ وقت جڏهن توهان انهن کي (صبح جو) چرڻ جيلاءِ (آزاد) ڇڏيو ٿا(ته انهن ۾ به توهان جيلاءِ زينت ۽ وڏائيءَ جو سامان هوندو آهي).

وَتَحْمِلُ أَثْقَالَكُمْ إِلَىٰ بَلَدٍ لَّمْ تَكُونُوا بَالِغِيهِ إِلَّا بِشِقِّ الْأَنفُسِ ۚ إِنَّ رَبَّكُمْ لَرَءُوفٌ رَّحِيمٌ ۝٨

٨ ۽ اهي توهان جو بار کڻي انهيءَ (پرانهين) شهر تائين به کڻي ويندا آهن جيستائين توهان پنهنجي جانين کي تڪليف ۾ وجهڻ کان سواءِ نٿا نيئي سگهو. توهان جو رب يقيناً (توهان تي) نهايت شفقت ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي.

وَالْخَيْلَ وَالْبِغَالَ وَالْحَمِيرَ لِتَرْكَبُوهَا وَزِينَةً ۚ وَيَخْلُقُ مَا لَا تَعْلَمُونَ ۝٩

٩ ۽ انهيءَ گهوڙن خچرن ۽ گڏهن کي (به) توهان جي سواريءَ لاءِ ۽ (پڻ) زينت (۽ شان) لاءِ (پيدا ڪيو آهي) ۽ (آئيندي) اهو (توهان جيلاءِ سواريءَ جي وڏيڪ سامان) جنهن کي توهان (هينئر) نٿا ڄاڻو پيدا ڪندو.

وَعَلَى اللَّهِ قَصْدُ السَّبِيلِ وَمِنْهَا جَائِرٌ ۚ وَلَوْ شَاءَ لَهَدَاكُمْ أَجْمَعِينَ ۝١٠ ع

١٠ ۽ (توهان کي) دين جي سڌي واٽ (جو ٻڌائڻ به) الله تي جي ذمي آهي ۽ (انهيءَ جي ضرورت اُنهيءَ ڪري آهي جو) انهن (يعني دين جي رستن) مان ڪي ڏنگا (هوندا) آهن پر جيڪڏهن اهو (الله) پنهنجي مرضي نافذ ڪري ها ته توهان

سيني کي هدايت (تي) ڏئي ڇڏي ها.

هُوَ الَّذِيٓ اَنۡزَلَ مِنَ السَّمَآءِ مَآءً لَّكُمۡ مِّنۡهُ شَرَابٌ وَّمِنۡهُ شَجَرٌ فِيۡهِ تُسِيۡمُوۡنَ ﴿۱۱﴾

۱۱. (الله) اهو ئي تہ آهي جنهن ڪڪرن مان پاڻي وسايو آهي. انهيءَ مان توهان کي پيئڻ جو (پاڻي مهيا ٿيندو) آهي ۽ انهيءَ مان اهي وڻ (بہ تيار) ٿيندا آهن جن ۾ توهان (چوپاين کي) چاريو ٿا.

يُنۡۢبِتُ لَكُمۡ بِهِ الزَّرۡعَ وَالزَّيۡتُوۡنَ وَالنَّخِيۡلَ وَالۡاَعۡنَابَ وَمِنۡ كُلِّ الثَّمَرٰتِؕ اِنَّ فِيۡ ذٰلِكَ لَاٰيَةً لِّقَوۡمٍ يَّتَفَكَّرُوۡنَ ﴿۱۲﴾

۱۲. اهو انهيءَ جي وسيلي سان توهان لاءِ پوک، زيتون ۽ کجيءَ جا وڻ ۽ انگور ۽ (ٻيا) هر قسم جا ميوا پيدا ڪري ٿو انهن ماڻهن لاءِ جيڪي غور ۽ فڪر کان ڪم وٺن ٿا. انهيءَ ۾ يقينن هڪ (ڪليل) نشان (ملندڙ) آهي.

وَسَخَّرَ لَكُمُ الَّيۡلَ وَالنَّهَارَۙ وَالشَّمۡسَ وَالۡقَمَرَؕ وَالنُّجُوۡمُ مُسَخَّرٰتٌۢ بِاَمۡرِهٖؕ اِنَّ فِيۡ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّقَوۡمٍ يَّعۡقِلُوۡنَۙ ﴿۱۳﴾

۱۳. ۽ انهيءَ رات ۽ ڏينهن کي ۽ سج ۽ چنڊ کي توهان جي لاءِ خدمت تي لڳائي ڇڏيو آهي ۽ (ٻيا) سڀ (گرهہ ۽) تارا (بہ) انهيءَ جي حڪم سان (توهان جي) خدمت تي مقرر آهن جيڪي ماڻهو عقل کان ڪم وٺن ٿا انهن جيلاءِ انهيءَ ۾ يقينن ڪيترا نشان (ملندڙ) آهن.

وَمَا ذَرَاَ لَكُمۡ فِي الۡاَرۡضِ مُخۡتَلِفًا اَلۡوَانُهٗؕ اِنَّ فِيۡ ذٰلِكَ لَاٰيَةً لِّقَوۡمٍ يَّذَّكَّرُوۡنَ ﴿۱۴﴾

۱۴. ۽ جيڪي مختلف قسمن جون شيون انهيءَ توهان لاءِ زمين ۾ پيدا ڪيون آهن (اهي سڀ توهان جي ڪم اچي رهيون آهن) انهن (شين جي پيدائش) ۾ (بہ) انهن ماڻهن لاءِ جيڪي نصيحت حاصل ڪن ٿا يقينن هڪ نشان (ملندڙ) آهي.

وَهُوَ الَّذِيۡ سَخَّرَ الۡبَحۡرَ لِتَاۡكُلُوۡا مِنۡهُ لَحۡمًا طَرِيًّا وَّتَسۡتَخۡرِجُوۡا مِنۡهُ حِلۡيَةً تَلۡبَسُوۡنَهَاۚ وَتَرَى الۡفُلۡكَ مَوَاخِرَ فِيۡهِ وَلِتَبۡتَغُوۡا مِنۡ فَضۡلِهٖ وَلَعَلَّكُمۡ تَشۡكُرُوۡنَ ﴿۱۵﴾

۱۵. انهيءَ ئي سمنڊ کي (بہ توهان جي) خدمت تي لڳائي ڇڏيو آهي انهيءَ لاءِ تہ انهيءَ مان (مڇيءَ جو) تازو گوشت کائو. ۽ انهيءَ مان زيور (جو سامان بہ) ڪڍو جنهن کي توهان (ماڻهو) پائڻ جي ڪم آڻيو ٿا ۽

(اي مخاطب) تون انهيءَ ۾ ٻيڙين کي پاڻي چيريندي (۽ تيزيءَ سان هلندي) ڏسين ٿو (جيڪي انهيءَ لاءِ هلن ٿيون ته توهان سامونڊي سفر طيءِ ڪيو) ۽ انهيءَ لاءِ ته توهان انهيءَ جا ڪي ٻيا فضل (به) تلاش ڪيو. ۽ انهيءَ لاءِ به ته توهان (انهيءَ جو) شڪر ادا ڪيو.

وَاَلْقٰى فِي الْاَرْضِ رَوَاسِيَ اَنْ تَمِيْدَ بِكُمْ وَاَنْهٰرًا وَّسُبُلًا لَّعَلَّكُمْ تَهْتَدُوْنَ ﴿١٦﴾

١٦- ۽ انهيءَ زمين ۾ (مضبوط) پهاڙ بنايا آهن انهيءَ لاءِ ته اها (تحرڪ ۾ اچي) توهان کي چڪر ۾ نه وجهي ۽ (انهيءَ توهان لاءِ) ڪيترا درياءَ (وهايا آهن) ۽ ڪيترا (خشڪيءَ جا) رستا (به ٺاهيا) آهن انهيءَ لاءِ ته توهان (آسانيءَ سان منزل مقصود تائين) راهه ڳولي سگهو.

وَعَلٰمٰتٍ ۭ وَبِالنَّجْمِ هُمْ يَهْتَدُوْنَ ﴿١٧﴾

١٧- ۽ (انهيءَ کانسواءِ انهيءَ) ڪيترين (ٻين) علامتون به (قائم ڪيون آهن) ۽ تارن جي وسيلي (به) اهي (ماڻهو) راهه حاصل ڪن ٿا.

اَفَمَنْ يَّخْلُقُ كَمَنْ لَّا يَخْلُقُ ۭ اَفَلَا تَذَكَّرُوْنَ ﴿١٨﴾

١٨- پوءِ (ٻڌايو ته سهي ته) ڇا جيڪو پيدا ڪريٿو اهو انهيءَ جهڙو ٿي سگهي ٿو جيڪي (ڪجهه به) پيدا نه ٿو ڪري، ڇا توهان پوءِ (به) نٿا سمجهو.

وَاِنْ تَعُدُّوْا نِعْمَةَ اللّٰهِ لَا تُحْصُوْهَا ۭ اِنَّ اللّٰهَ لَغَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿١٩﴾

١٩- ۽ جيڪڏهن توهان الله جا احسان ڳڻڻ لڳو ته (ڪڏهين) توهان انهن جو ڳاڻيٽو نه ڪري سگهندو. الله يقينن گهڻو (ئي) بخشڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي.

وَاللّٰهُ يَعْلَمُ مَا تُسِرُّوْنَ وَمَا تُعْلِنُوْنَ ﴿٢٠﴾

٢٠- ۽ جيڪي ڪجهه توهان لڪايو ٿا ۽ جيڪي ڪجهه توهان ظاهر ڪيو ٿا الله انهي (سڀني) کي ڄاڻي ٿو.

وَالَّذِيْنَ يَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ لَا يَخْلُقُوْنَ شَيْـًٔا

٢١- ۽ الله کانسواءِ جن (باطل معبودن) کي

وَهُمْ يُخْلَقُوْنَ ﴿۲۱﴾

اهي سڏين ٿا اهي ڪجهہ (بہ) پيدا نہ ٿا ڪري سگهن ۽ (انهيءَ ڪان بہ وڌيڪ هي آهي جو) اهي خود پيدا ڪيا وڃن ٿا.

اَمْوَاتٌ غَيْرُ اَحْيَآءٍ ۚ وَمَا يَشْعُرُوْنَ ۙ اَيَّانَ يُبْعَثُوْنَ ﴿۲۲﴾ ع

۲۲. اهي (سڀئي) مئل آهن ۽ نہ جيئرا ۽ اهي (هي بہ) نہ ٿا ڄاڻن تہ ڪڏهن (ٻيهر) اٿاريا ويندا.

اِلٰهُكُمْ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ ۚ فَالَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ بِالْاٰخِرَةِ قُلُوْبُهُمْ مُّنْكِرَةٌ وَّهُمْ مُّسْتَكْبِرُوْنَ ﴿۲۳﴾

۲۳. (پوءِ چڱيءَ طرح ياد رکو تہ) توهانجو معبود هڪ ئي معبود آهي ۽ جيڪي ماڻهو آخرت تي ايمان نٿا آڻين انهن جون دليون (حق کان) بي خبر آهن ۽ اهي تڪبر ڪان ڪم وٺي رهيا آهن.

لَا جَرَمَ اَنَّ اللّٰهَ يَعْلَمُ مَا يُسِرُّوْنَ وَمَا يُعْلِنُوْنَ ۗ اِنَّهٗ لَا يُحِبُّ الْمُسْتَكْبِرِيْنَ ﴿۲۴﴾

۲۴. هيءَ يقيني ڳالهہ آهي تہ جيڪي ڪجهہ اهي لڪل (طريقي تي) ڪن ٿا (انهيءَ کي بہ) ۽ جيڪي ڪجهہ اهي ظاهر (طور تي) ڪن ٿا (انهيءَ کي بہ) الله ڄاڻيٿو - اهو تڪبر ڪرڻ وارن کي هرگز پسند نہ ٿو ڪري.

وَاِذَا قِيْلَ لَهُمْ مَّاذَآ اَنْزَلَ رَبُّكُمْ ۙ قَالُوْٓا اَسَاطِيْرُ الْاَوَّلِيْنَ ۙ ﴿۲۵﴾

۲۵. ۽ جڏهين انهن کي چيو وڃي ٿو (تہ) اهو (ڪلام) جيڪو توهانجي رب لاٿو آهي ڪهڙو (نہ شاندار) آهي تہ اهي چون ٿا تہ هي (خدا جو ڪلام نہ آهي پر) اڳين ماڻهن جون ڳالهيون آهن.

لِيَحْمِلُوْٓا اَوْزَارَهُمْ كَامِلَةً يَّوْمَ الْقِيٰمَةِ ۙ وَمِنْ اَوْزَارِ الَّذِيْنَ يُضِلُّوْنَهُمْ بِغَيْرِ عِلْمٍ ۗ اَلَا سَآءَ مَا يَزِرُوْنَ ﴿۲۶﴾ ع

۲۶. (انهيءَ ڏوڪي بازيءَ جو نتيجو اهو نڪرندو جو) اهي قيامت جي ڏينهن پنهنجو بار (بہ) پورو پورو کڻندا ۽ انهن جاهلن جو بار بہ جن کي اهي گمراهہ ڪري رهيا آهن. ٻڌوا جيڪو بار اهي کڻي رهيا آهن اهو ڏاڍو بڇڙو آهي.

قَدْ مَكَرَ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ فَاَتَى اللّٰهُ بُنْيَانَهُمْ مِّنَ

۲۷. جيڪي ماڻهو انهن کان پهرين هئا انهن (بہ پنهن جي پنهنجي زماني جي نبين جي

الْقَوَاعِدِ فَخَرَّ عَلَيْهِمُ السَّقْفُ مِنْ فَوْقِهِمْ وَأَتٰىهُمُ الْعَذَابُ مِنْ حَيْثُ لَا يَشْعُرُوْنَ ﴿٢٦﴾

خلاف) تدبيرون ڪيون هيون جنهن جي نتيجي ۾ الله انهن جي (تدبيرن جي) عمارت جي بنيادن ون انهن کي تباهہ ڪرڻ لاءِ) آيو. جنهن سبب ڇتيون انهن جي مٿان کان انهن تي اچي ڪريون ۽ (انهيءَ جو اهو) عذاب انهن تي انهيءَ رستي کان آيو جنهن کي اهي ڄاڻندا بہ نہ هئا.

ثُمَّ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ يُخْزِيْهِمْ وَيَقُوْلُ اَيْنَ شُرَكَآءِيَ الَّذِيْنَ كُنْتُمْ تُشَآقُّوْنَ فِيْهِمْ ۚ قَالَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْعِلْمَ اِنَّ الْخِزْيَ الْيَوْمَ وَالسُّوْٓءَ عَلَى الْكٰفِرِيْنَ ﴿٢٧﴾

٢٨. پوءِ هو قيامت جي ڏينهن کين خوار ڪندو ۽ چوندو (تہ هاڻي) ڪٿي آهن اهي منهنجا شريڪ جن سبب توهان (منهنجي نبين سان) دشمني (۽ مخالفت) رکندا هئا. (۽) جن کي علم ڏنو ويو هوندو اهي (انهيءَ وقت) چوندا تہ اڄ ڪافرن تي يقينن خواري ۽ مصيبت (اچڻ واري) آهي.

الَّذِيْنَ تَتَوَفّٰىهُمُ الْمَلٰٓئِكَةُ ظَالِمِيْٓ اَنْفُسِهِمْ ۖ فَاَلْقَوُا السَّلَمَ مَا كُنَّا نَعْمَلُ مِنْ سُوْٓءٍ ۭ بَلٰٓى اِنَّ اللّٰهَ عَلِيْمٌۢ بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿٢٨﴾

٢٩. (انهن ڪافرن تي) جن جي روحن کي فرشتا (نيڪ) انهيءَ وقت جو اهي پنهنجي جانين تي ظلم ڪري رهيا هوندا آهن, ڪيندا آهن. انهيءَ تي اهي (ائين چئي) صلح جي تدبير ڪندا آهن (تہ) اسان (تہ) ڪو (بہ) بڇڙائيءِ (جو ڪم) نہ ڪندا هئاسين (تڏهين کين چيو ويندو تہ حقيقت) ائين نہ آهي. پر (انهيءَ جي خلاف آهي ـ ياد رکو) تہ جيڪي ڪي توهان ڪندا هئا انهيءَ کي الله چڱيءَ ريت ڄاڻي ٿو.

فَادْخُلُوْٓا اَبْوَابَ جَهَنَّمَ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ۭ فَلَبِئْسَ مَثْوَى الْمُتَكَبِّرِيْنَ ﴿٢٩﴾

٣٠. تنهن ڪري (هاڻي) توهان دوزخ جي دروازن مان انهيءَ ۾ هميشه جي لاءِ ٺڪاڻو بنائيندي داخل ٿيو. ڇو جو تڪبر ڪرڻ وارن جو ٺڪاڻو تمام بڇڙو (هوندو) آهي.

وَقِيْلَ لِلَّذِيْنَ اتَّقَوْا مَاذَآ اَنْزَلَ رَبُّكُمْ ۭ قَالُوْا خَيْرًا ۭ

٣١. ۽ (جڏهن) انهن ماڻهن مان جن تقوي (جو طريقو) اختيار ڪيو آهي چيو ويو (تہ)

بِهٖ يَسْتَهْزِءُوْنَ ﴿٣٥﴾ ع ١٠

اچي پڪڙيو ۽ جنهن (عذاب جي خبر) تي اهي ٺٺولي ڪندا هئا. انهيءَ انهن کي اچي ورتو (۽ تباهه ڪري ڇڏيو).

وَقَالَ الَّذِيْنَ اَشْرَكُوْا لَوْ شَآءَ اللّٰهُ مَا عَبَدْنَا مِنْ دُوْنِهٖ مِنْ شَيْءٍ نَّحْنُ وَلَآ اٰبَآؤُنَا وَلَا حَرَّمْنَا مِنْ دُوْنِهٖ مِنْ شَيْءٍ ۭ كَذٰلِكَ فَعَلَ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ ۚ فَهَلْ عَلَى الرُّسُلِ اِلَّا الْبَلٰغُ الْمُبِيْنُ ﴿٣٦﴾

٣٦. ۽ جن ماڻهن شرڪ (جو طريقو اختيار) ڪيو انهن (اهو به) چيو آهي ته جيڪڏهن الله (اهو) چاهي ها (ته انهيءَ کانسواءِ ڪنهن جي عبادت نه ڪئي وڃي) ته نه اسان انهيءَ کانسواءِ ڪنهن شي جي عبادت ڪيون ها ۽ نه اسان جا ابا ڏاڏا اڻين ڪن ها ۽ نه (ئي) اسان انهيءَ جي (حڪم کان) سواءِ ڪنهن شي کي (خود بخود) حرام ڪيون ها جيڪي (ماڻهو) انهن کان پهرين (سچائيءَ جا دشمن) هئا انهن (به) ائين ئي پئي ڪيو هو پلا (اهي ايترو نه ٿا سوچين ته) رسولن تي (خدا جي پيغام) پهچائڻ کانسواءِ ٻي ڪهڙي ذميداري آهي.

وَلَقَدْ بَعَثْنَا فِيْ كُلِّ اُمَّةٍ رَّسُوْلًا اَنِ اعْبُدُوا اللّٰهَ وَاجْتَنِبُوا الطَّاغُوْتَ ۚ فَمِنْهُمْ مَّنْ هَدَى اللّٰهُ وَمِنْهُمْ مَّنْ حَقَّتْ عَلَيْهِ الضَّلٰلَةُ ۭ فَسِيْرُوْا فِي الْاَرْضِ فَانْظُرُوْا كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الْمُكَذِّبِيْنَ ﴿٣٧﴾

٣٧. ۽ اسان يقينن هر قوم ۾ (ڪونه ڪو) رسول (هيءَ حڪم ڏئي) موڪليو آهي ته (اي انسانو!) توهان الله جي عبادت ڪريو ۽ حد کان وڌي وڃڻ وارن کان پاسي رهو. انهيءَ تي انهن مان ڪي (ته) اهڙا (سنا ثابت) ٿيا جو انهن کي الله هدايت ڏني ۽ ڪي اهڙا جن تي تباهي واجب ٿي ويئي. پوءِ توهان (سڄي) ملڪ ۾ گهمو ۽ ڏسو ته (نبين کي) ڪوڙو ڪرڻ وارن جي پڇاڙي ڪهڙي ٿي هئي.

اِنْ تَحْرِصْ عَلٰى هُدٰىهُمْ فَاِنَّ اللّٰهَ لَا يَهْدِيْ مَنْ يُّضِلُّ وَمَا لَهُمْ مِّنْ نّٰصِرِيْنَ ﴿٣٨﴾

٣٨. (اي رسول) جيڪڏهن تون انهن (ماڻهن) جي هدايت جي گهڻي خواهش رکينڻو ته (سمجهه ته) جيڪي ماڻهو (ٻين کي ڄاڻي ٻجهي) گمراهه ڪري رهيا هجن انهن کي

الله هرگز هدايت نہ ڏيندو آهي ۽ نہ انهن جو ڪو مددگار هوندو آهي.

وَاَقْسَمُوْا بِاللّٰهِ جَهْدَ اَيْمَانِهِمْ ۙ لَا يَبْعَثُ اللّٰهُ مَنْ يَّمُوْتُ ۭ بَلٰى وَعْدًا عَلَيْهِ حَقًّا وَّلٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يَعْلَمُوْنَ ۝٣٩

٣٩- ۽ انهن الله جا وڏا وڏا قسم کنيا آهن (تہ) جيڪو مري وڃي الله انهيءَ کي (وري ڪڏهن) جيئرو نہ ڪندو (پر حقيقت) ائين نہ آهي. اهو (تہ هڪ اهڙو) واعدو آهي جنهن (جي پوري ڪرڻ) جو اهو (الله) ذميوار آهي پر اڪثر ماڻهو (انهيءَ حقيقت کي) نٿا ڄاڻن.

لِيُبَيِّنَ لَهُمُ الَّذِيْ يَخْتَلِفُوْنَ فِيْهِ وَلِيَعْلَمَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا اَنَّهُمْ كَانُوْا كٰذِبِيْنَ ۝٤٠

٤٠- (هيءُ ٻيهر زندگي انهيءَ لاءِ هوندي تہ) هو انهن تي انهيءَ (حقيقت) کي ظاهر ڪري جنهن ۾ هو (اڄ) اختلاف ڪري رهيا آهن ۽ انهيءَ لاءِ جن ماڻهن ڪفر (جو طريقو) اختيار ڪيو آهي انهن کي معلوم ٿي وڃي تہ اهي ڪوڙا هئا.

اِنَّمَا قَوْلُنَا لِشَيْءٍ اِذَآ اَرَدْنٰهُ اَنْ نَّقُوْلَ لَهٗ كُنْ فَيَكُوْنُ ۝٤١ ع

٤١- اسانجو ڪم ڪنهن (اهڙي) شيءِ جي متعلق جنهن (جي ڪرڻ) جو اسان ارادو ڪيون صرف اهو هوندو آهي تہ اسان انهيءَ جي متعلق چئي ڇڏيندا آهيون تہ ٿي وڃ ۽ اها ٿي ويندي آهي.

وَالَّذِيْنَ هَاجَرُوْا فِي اللّٰهِ مِنْۢ بَعْدِ مَا ظُلِمُوْا لَنُبَوِّئَنَّهُمْ فِي الدُّنْيَا حَسَنَةً ۭ وَلَاَجْرُ الْاٰخِرَةِ اَكْبَرُ ۘ لَوْ كَانُوْا يَعْلَمُوْنَ ۝٤٢

٤٢- ۽ جن ماڻهن انهيءَ ڪانپوءِ جو انهن تي ظلم ڪيو ويو الله جي خاطر هجرت اختيار ڪئي (اسان کي پنهنجي ذات جو قسم آهي تہ) اسان انهن کي ضرور دنيا ۾ سٺي جاءِ ڏينداسين ۽ آخرت جو اجر تہ اجا بہ گهڻو هوندو. ڪاش اهي (منڪر انهي حقيقت کي) ڄاڻن ها.

الَّذِيْنَ صَبَرُوْا وَعَلٰى رَبِّهِمْ يَتَوَكَّلُوْنَ ۝٤٣

٤٣- جيڪي (ظلمن جو نشان بنجي بہ) ثابت قدم رهيا ۽ (جيڪي هميشه ٿي) پنهنجي رب تي ڀروسو ڪن ٿا.

وَمَآ اَرْسَلْنَا مِنْ قَبْلِكَ اِلَّا رِجَالًا نُّوْحِيْٓ اِلَيْهِمْ فَسْـَٔلُوْٓا اَهْلَ الذِّكْرِ اِنْ كُنْتُمْ لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿۴۳﴾

۴۴۔ ۽ اسان توکان پهرين (بہ هميشه) مردن ئي کي رسول بنائي موڪليندا هئاسين (۽) اسان انهن تي وحي ڪندا هئاسين ۽ (اي منڪرو!) جيڪڏهن توهان (انهيءَ حقيقت کي) نٿا ڄاڻو تہ انهيءَ (الله جي موڪليل) ذڪر (کي مڃڻ) وارن کان (ئي) پڇو (تہ حقيقت توهان کي معلوم ٿي سگهي).

بِالْبَيِّنٰتِ وَالزُّبُرِ ۗ وَاَنْزَلْنَآ اِلَيْكَ الذِّكْرَ لِتُبَيِّنَ لِلنَّاسِ مَا نُزِّلَ اِلَيْهِمْ وَلَعَلَّهُمْ يَتَفَكَّرُوْنَ ﴿۴۴﴾ نصف

۴۵۔ (اسان انهن کي) روشن نشان ۽ (الهامي) لکتيون ڏيئي (موڪليو هو) ۽ توتي اسان هيءُ (ڪامل) ذڪر نازل ڪيو آهي انهيءَ لاءِ تہ تون سڀني ماڻهن کي اهو (فرمان الاهي) جيڪو (تنهن جي وسيلي) انهن ڏانهن نازل ڪيو ويو آهي کولي ٻڌائين ۽ انهيءَ لاءِ بہ تہ اهي (انهيءَ تي) تدبر ڪن.

اَفَاَمِنَ الَّذِيْنَ مَكَرُوا السَّيِّاٰتِ اَنْ يَّخْسِفَ اللّٰهُ بِهِمُ الْاَرْضَ اَوْ يَاْتِيَهُمُ الْعَذَابُ مِنْ حَيْثُ لَا يَشْعُرُوْنَ ﴿۴۵﴾

۴۶۔ پوءِ ڇا جيڪي ماڻهو (تنهن جي خلاف) بريون تدبيرون ڪندا آيا آهن اهي انهيءَ ڳالهہ کان امن ۾ آهن تہ الله انهن کي هن ملڪ ۾ (ئي) ذليل (۽ خوار) ڪري يا اهو عذاب (جنهن جي خبر ڏني وئي آهي) انهن تي (اهڙي رستي کان) اچي وڃي جنهن کي اهي ڄاڻندائي نہ هجن.

اَوْ يَاْخُذَهُمْ فِيْ تَقَلُّبِهِمْ فَمَا هُمْ بِمُعْجِزِيْنَ ﴿۴۶﴾

۴۷۔ يا اهو انهن کي انهن جي سفر ۾ تباهہ ڪري.پوءِ (اهي ياد رکن تہ) اهي (هرگز الله کي انهن ڳالهين جي پوري ڪرڻ کان) عاجز نہ لهندا.

اَوْ يَاْخُذَهُمْ عَلٰى تَخَوُّفٍ ۭ فَاِنَّ رَبَّكُمْ لَرَءُوْفٌ رَّحِيْمٌ ﴿۴۷﴾

۴۸۔ يا اهو انهن کي آهستي آهستي گهٽائي تباهہ ڪري ڇڏي ڇو جو تنهنجو رب يقيناً (مومنن تي) گهڻو(ئي) شفقت ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي.

اَوَلَمْ يَرَوْا اِلٰى مَا خَلَقَ اللّٰهُ مِنْ شَيْءٍ يَّتَفَيَّؤُا ظِلٰلُهٗ
عَنِ الْيَمِيْنِ وَالشَّمَآئِلِ سُجَّدًا لِّلّٰهِ وَهُمْ دٰخِرُوْنَ ﴿٤٩﴾

٤٩- ۽ ڇا باوجود انهيءَ جي جو اهي ذليل ٿي رهيا آهن انهن (ڪڏهن) الله جي حضور (عاجزيءَ سان) جهڪندي جيڪي ڪجهه الله (انهن لاءِ) پيدا ڪيو آهي انهي ڪي غور سان نه ڏٺو آهي ته انهن جا پاڇا ساڄي پاسي کان ۽ اترين پاسن کان هيڏانهن هوڏانهن ٿي رهيا آهن (پوءِ اهڙي طرح محمد رسول الله صلي الله عليه وسلم جو پاڇو وڌندو ۽ اهي ڪافر ذليل ٿي رهندا).

وَلِلّٰهِ يَسْجُدُ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ مِنْ
دَآبَّةٍ وَّالْمَلٰٓئِكَةُ وَهُمْ لَا يَسْتَكْبِرُوْنَ ﴿٥٠﴾

٥٠- ۽ جيڪي (ڪي) آسمانن ۾ آهي ۽ پڻ زمين تي جيڪي به جاندار (موجود) آهن ۽ سڀئي فرشتا به الله جي حضور ۾ ٿي جهڪيا رهن ٿا ۽ اهي وڏائي نه ٿا ڪن.

يَخَافُوْنَ رَبَّهُمْ مِّنْ فَوْقِهِمْ وَيَفْعَلُوْنَ مَا
يُؤْمَرُوْنَ ﴿٥١﴾ السجدة

٥١- اهي پنهنجي رب کان جيڪو انهن تي غالب آهي ڊڄندا رهن ٿا ۽ جنهن ڳالهه جو انهن کي حڪم ڏنو وڃيٿو (اهوئي) ڪن ٿا.

وَقَالَ اللّٰهُ لَا تَتَّخِذُوْٓا اِلٰهَيْنِ اثْنَيْنِ اِنَّمَا هُوَ اِلٰهٌ
وَّاحِدٌ فَاِيَّايَ فَارْهَبُوْنِ ﴿٥٢﴾

٥٢- ۽ الله (هميشه هر قوم کي اهو ئي) فرمايو آهي (ته) توهان ٻه معبود نه بڻايو. اهو (يعني معبود برحق ته) هڪ ئي آهي پوءِ توهان مونکان ئي (ڊڄو) وري (مان توهان.کي چوان ٿو ته) مونکان ئي ڊڄو.

وَلَهٗ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَلَهُ الدِّيْنُ وَاصِبًا
اَفَغَيْرَ اللّٰهِ تَتَّقُوْنَ ﴿٥٣﴾

٥٣- ۽ جيڪي (ڪي) آسمانن ۽ زمين ۾ (ملي ٿو) سڀ انهيءَ جي ملڪيت آهي ۽ فرمانبرداري هميشه انهيءَ جو ئي حق آهي ته ڇا توهان الله کانسواءِ ٻين هستين کي پنهنجي بچاءِ جو ذريعو بڻايو ٿا.

وَمَا بِكُمْ مِّنْ نِّعْمَةٍ فَمِنَ اللّٰهِ ثُمَّ اِذَا مَسَّكُمُ الضُّرُّ
فَاِلَيْهِ تَجْـَٔرُوْنَ ﴿٥٤﴾

٥٤- ۽ جيڪا نعمت به توهانجي شامل حال آهي اها الله ئي جي طرفان آهي پوءِ جڏهن توهانکي (ڪا تنگي ۽) تڪليف پهچي ٿي ته (انهيءَ وقت به) توهان انهيءَ جي

حضور فرياد ڪيو ٿا.

ثُمَّ إِذَا كَشَفَ الضُّرَّ عَنْكُمْ إِذَا فَرِيقٌ مِّنْكُمْ بِرَبِّهِمْ يُشْرِكُونَ ﴿٥٥﴾

٥٥. پوءِ جڏهين اهو توهانکي انهي تڪليف کان نجات ڏئي ٿو ته توهان مان ڪي ماڻهو جهڻ (ٻين کي) پنهنجي رب جو شريڪ سمجهڻ لڳن ٿا.

لِيَكْفُرُوا بِمَا آتَيْنٰهُمْ فَتَمَتَّعُوا فَسَوْفَ تَعْلَمُونَ ﴿٥٦﴾

٥٦. نتيجو اهو ٿو ٿئي ته جيڪي ڪي اسان انهن کي ڏنو آهي اهي انهيءَ جو انڪار ڪري ٿا ڇڏين چڱو! توهان عارضي (۽ وقتي سامان مان) فائدو حاصل ڪريو ۽ (انهيءَ جي پڇاڙي به) توهان جلدي معلوم ڪري وٺندو.

وَيَجْعَلُونَ لِمَا لَا يَعْلَمُونَ نَصِيبًا مِّمَّا رَزَقْنٰهُمْ تَاللّٰهِ لَتُسْئَلُنَّ عَمَّا كُنْتُمْ تَفْتَرُونَ ﴿٥٧﴾

٥٧. ۽ جيڪي ڪي اسان انهن کي ڏنو آهي انهي مان هڪ حصو اهي (پنهن جي) انهن (ڪوڙن معبودن) جيلاءِ مخصوص ڪري ٿا ڇڏين جن (جي حقيقت) جي متعلق اهي (ڪجهه) علم نه ٿا رکن. الله جو قسم جيڪي ڪي توهان (ڪوڙ کان ڪم وٺي) پاڻ وٽان ٺاهيندا رهيا آهيو (هڪ ڏينهن) انهيءَ متعلق توهان کان يقينن پڇا ڳاڇا ٿيندي.

وَيَجْعَلُونَ لِلّٰهِ الْبَنٰتِ سُبْحٰنَهُ وَلَهُمْ مَّا يَشْتَهُونَ ﴿٥٨﴾

٥٨. ۽ اهي الله ڏانهن ڇوڪريون منسوب ڪن ٿا (ياد رکو) اهو (اهڙين ڳالهين کان پاڪ) آهي ۽ (لطف ته اهو آهي ته) انهن کي اهو ڪي حاصل آهي جيڪي اهي چاهين ٿا (يعني ڇوڪرا).

وَإِذَا بُشِّرَ أَحَدُهُمْ بِالْأُنْثٰى ظَلَّ وَجْهُهُ مُسْوَدًّا وَّهُوَ كَظِيمٌ ﴿٥٩﴾

٥٩. ۽ (انهن جي مقابلي ۾ انهن جو اهو حال آهي ته) جڏهين انهن مان ڪنهن کي ڇوڪريءَ (جي پيدائش) جي خبر ملي ته انهيءَ جو منهن ڪارو ٿي ويندو آهي ۽ اهو نهايت غمگين ٿي ويندو آهي.

يَتَوَارٰى مِنَ الْقَوْمِ مِنْ سُوْٓءِ مَا بُشِّرَ بِهٖ ؕ اَيُمْسِكُهٗ عَلٰى هُوْنٍ اَمْ يَدُسُّهٗ فِى التُّرَابِ ؕ اَلَا سَآءَ مَا يَحْكُمُوْنَ ﴿۶۰﴾

٦٠. (۽) جنهن ڳالهه جي انهيء کي خبر ڏني وئي آهي انهي جي (گمان ڪيل) برائيء جي باعث اهو ماڻهن کان لڪندو (وتندو) آهي (۽ سوچيندو آهي تہ) آيا اهو انهيء (پيش اچڻ واري) ذلت جي باوجود (زنده) رهڻ ڏيئي يا انهيء کي (ڪٿي) مٽيء ۾ پوري ڇڏي. ٻڌوا جيڪا راءِ اهي قائم ڪن ٿا ڏاڍي بري آهي.

لِلَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ بِالْاٰخِرَةِ مَثَلُ السَّوْءِ ۚ وَلِلّٰهِ الْمَثَلُ الْاَعْلٰى ؕ وَهُوَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ﴿۶۱﴾ ع ١٤

٦١. جيڪي ماڻهو آخرت تي ايمان نہ ٿا آڻين انهن جي حالت بري آهي - ۽ هر اعلىٰ صفت (۽ شان) الله جو ئي آهي ۽ اهو ئي غالب (۽) حڪمت وارو آهي.

وَلَوْ يُؤَاخِذُ اللّٰهُ النَّاسَ بِظُلْمِهِمْ مَّا تَرَكَ عَلَيْهَا مِنْ دَآبَّةٍ وَّلٰكِنْ يُّؤَخِّرُهُمْ اِلٰٓى اَجَلٍ مُّسَمًّى ۚ فَاِذَا جَآءَ اَجَلُهُمْ لَا يَسْتَاْخِرُوْنَ سَاعَةً وَّلَا يَسْتَقْدِمُوْنَ ﴿۶۲﴾

٦٢. ۽ جيڪڏهن الله (جي اها سنت هجي ها تہ اهو) ماڻهن کي انهن جي ظلم جي (ارتڪاب) تي (هڪدم) پڪڙي ها (۽ توبه جي لاءِ مهلت نہ ڏئي ها) تہ اهو هن (زمين) تي ڪنهن جاندار کي (زنده) نہ ڇڏي ها پر (انهيء جي اها سنت آهي تہ) اهو (اصلاح جيلاءِ) انهن کي هڪ مقرر مدت تائين مهلت ڏيندو رهيٿو. پوءِ جڏهين انهن (جي سزا) جو وقت اچي وڃي ٿو تہ اهي نہ تہ هڪ گهڙي پوئتي رهي (بچي) سگهن ٿا ۽ نہ (انهيء کان) اڳتي نڪري (بچي) سگهن ٿا.

وَيَجْعَلُوْنَ لِلّٰهِ مَا يَكْرَهُوْنَ وَتَصِفُ اَلْسِنَتُهُمُ الْكَذِبَ اَنَّ لَهُمُ الْحُسْنٰى ؕ لَا جَرَمَ اَنَّ لَهُمُ النَّارَ وَاَنَّهُمْ مُّفْرَطُوْنَ ﴿۶۳﴾

٦٣. ۽ اهي الله جيلاءِ اها شيء تجويز ڪن ٿا جنهن کي اهي (خود پنهنجي لاءِ) نا پسند ڪن ٿا ۽ انهن جو زبانون (وڏي جرئت کان ڪم وٺي هيء) ڪوڙ ڳالهائين ٿيون تہ انهن کي ضروري ڀلا ئي ملي رهندي (پر هيء) اٹل ڳالهہ آهي تہ انهن جيلاءِ (دوزخ جي

الَّذِيْنَ فُضِّلُوْا بِرَآدِّيْ رِزْقِهِمْ عَلٰى مَا مَلَكَتْ اَيْمَانُهُمْ فَهُمْ فِيْهِ سَوَآءٌ ۚ اَفَبِنِعْمَةِ اللّٰهِ يَجْحَدُوْنَ ﴿٧١﴾

۽ وڏايو آهي ۽ جن ماڻهن کي فضيلت ڏني وئي آهي اهي پنهن جو (قبضي ڪيل) رزق (ڪنهن صورت ۾ بہ) انهن ڏانهن جن تي انهن جي ساڄا هٿ قابض آهن موٽائڻ وارا نہ آهن جنهن جو نتيجو هيءَ ٿئي جو اهي انهيءَ ۾ هڪ جهڙا (حصي دار) ٿي وڃن. پوءِ ڇا اهي (هن حقيقت جي ڄاڻ جي باوجود) الله جي نعمت جو انڪار ڪن ٿا.

وَاللّٰهُ جَعَلَ لَكُمْ مِّنْ اَنْفُسِكُمْ اَزْوَاجًا وَّجَعَلَ لَكُمْ مِّنْ اَزْوَاجِكُمْ بَنِيْنَ وَحَفَدَةً وَّرَزَقَكُمْ مِّنَ الطَّيِّبٰتِ ۚ اَفَبِالْبَاطِلِ يُؤْمِنُوْنَ وَبِنِعْمَتِ اللّٰهِ هُمْ يَكْفُرُوْنَ ﴿٧٢﴾

٧٣ ۽ الله توهان جيلاءِ توهان مان (يعني توهان ئي جهڙا جذبات رکڻ واريون) زالون خلقيون آهن ۽ (پڻ) انهيءَ توهان جي زالن مان توهان لاءِ پٽ ۽ پوٽا پيدا ڪيا آهن ۽ انهيءَ توهان کي سيني (قسم جي) پاڪ شين مان رزق بخشيو آهي. ڇا پوءِ (بہ) هڪ تباهہ ٿيڻ واري شي تي (تہ) اهي ايمان رکندا ۽ الله جي نعمتن جو انڪار ڪندا.

وَيَعْبُدُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ مَا لَا يَمْلِكُ لَهُمْ رِزْقًا مِّنَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ شَيْئًا وَّلَا يَسْتَطِيْعُوْنَ ﴿٧٣﴾

٧٤ ۽ اهي الله کي ڇڏيندي اهڙين هستين جي پوڄا ڪندا جيڪي آسمانن ۽ زمين مان انهن کي ڪجهہ بہ ڏيڻ جو ڪوبہ اختيار نٿيون رکن ۽ نہ رکي سگهن ٿيون.

فَلَا تَضْرِبُوْا لِلّٰهِ الْاَمْثَالَ ۚ اِنَّ اللّٰهَ يَعْلَمُ وَاَنْتُمْ لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿٧٤﴾

٧٥ پوءِ (اي مشرڪوا توهان) الله جي متعلق (پنهنجي طرفان) ڳالهيون نہ ٺاهيو.. الله يقينن (سڀڪجهہ) ڄاڻيٿو ۽ توهان (ڪجهہ بہ) نٿا ڄاڻو.

ضَرَبَ اللّٰهُ مَثَلًا عَبْدًا مَّمْلُوْكًا لَّا يَقْدِرُ عَلٰى شَيْءٍ وَّمَنْ رَّزَقْنٰهُ مِنَّا رِزْقًا حَسَنًا فَهُوَ يُنْفِقُ مِنْهُ سِرًّا وَّجَهْرًا ۚ هَلْ يَسْتَوٗنَ ۚ اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ ۚ بَلْ اَكْثَرُهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿٧٥﴾

٧٦ الله (توهان جي سمجهاڻ لاءِ) هڪ اهڙي ٻانهي جي حالت بيان ڪري ٿو جيڪو غلام هجي (۽) جيڪو ڪنهن ڳالهہ جي (بہ) طاقت نہ رکندو هجي ۽ (انهيءَ جي مقابلي ۾ انهيءَ ٻانهي جي حالت بہ) جنهن کي اسان پاڻ وٽان رزق ڏنو هجي ۽ هو انهيءَ

مان ڳجهيءِ طرح (بہ) ۽ ظاهر ظهور (بہ اسان جي راهہ ۾) خرچ ڪندو هجي. ڇا اهي ٻئي (قسمن جا ماڻهو) هڪجهڙا ٿي سگهن ٿا (هرگز نہ) هر تعريف جو الله ئي مستحق آهي پر انهن مان اڪثر (ماڻهو) ڄاڻن نٿا.

وَضَرَبَ اللّٰهُ مَثَلًا رَّجُلَيْنِ اَحَدُهُمَآ اَبْكَمُ لَا يَقْدِرُ عَلٰى شَيْءٍ وَّهُوَ كَلٌّ عَلٰى مَوْلٰىهُ اَيْنَمَا يُوَجِّهْهُّ لَا يَاْتِ بِخَيْرٍ هَلْ يَسْتَوِيْ هُوَ وَمَنْ يَّاْمُرُ بِالْعَدْلِ وَهُوَ عَلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ ﴿٧٧﴾ ع ١١

٧٧. ۽ الله ٻن ٻين شخصن جي حالت (بہ) بيان ڪري ٿو جن مان هڪ (تہ) گونگو هجي جيڪو ڪنهن ڳالهہ جي طاقت نہ رکندو هجي ۽ اهو پنهنجي مالڪ تي بي فائدي بار هجي جيڏانهن بہ (انهيءَ جو آقا) انهيءَ کي موڪلي (اهو) ڪا ڀلا ئي (ڪمائي) نہ آڻي (پوءِ) ڇا اهو (شخص) ۽ اهو (ٻيو) شخص جيڪو انصاف ڪرڻ جو حڪم ڏيندو هجي ۽ اهو (خود بہ) سڌي راهہ تي (قائم) هجي ٻئي برابر ٿي سگهن ٿا؟

وَلِلّٰهِ غَيْبُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَمَآ اَمْرُ السَّاعَةِ اِلَّا كَلَمْحِ الْبَصَرِ اَوْ هُوَ اَقْرَبُ اِنَّ اللّٰهَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ﴿٧٨﴾

٧٨. ۽ آسمانن ۽ زمين جي غيب (جو علم) الله ئي کي (حاصل) آهي ۽ انهي (واعدي ڪيل) گهڙيءَ (جي اچڻ) جو معاملو تہ اهڙوئي آهي جيئن اک جو ڇنڀڻ - پر اهو (انهيءَ کان بہ) قريب تر (وقت ۾ ئي ٿي وڃڻ وارو آهي) الله يقينن هر ڳالهہ تي پورو (پورو) قادر آهي.

وَاللّٰهُ اَخْرَجَكُمْ مِّنْۢ بُطُوْنِ اُمَّهٰتِكُمْ لَا تَعْلَمُوْنَ شَيْـًٔا وَّجَعَلَ لَكُمُ السَّمْعَ وَالْاَبْصَارَ وَالْاَفْـِٕدَةَ لَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ ﴿٧٩﴾

٧٩. ۽ الله توهان کي توهان جي مائرن جي پيٽن مان اهڙي حالت ۾ پيدا ڪيو آهي جو اوهان ڪجهہ بہ نہ ڄاڻندا هئا ۽ انهيءَ توهان جيلاءِ ڪن ۽ اکيون ۽ دل پيدا ڪيا آهن.

اَلَمْ يَرَوْا اِلَى الطَّيْرِ مُسَخَّرٰتٍ فِيْ جَوِّ السَّمَآءِ مَا

٨٠. ڇاانهن پکين کي جيڪي آسمان جي فضا ۾ تابع ڪيا ويا آهن (غور جي نظر

يُمْسِكُهُنَّ إِلَّا اللَّهُ ۗ إِنَّ فِي ذَٰلِكَ لَآيَاتٍ لِقَوْمٍ يُؤْمِنُونَ ﴿٧٩﴾

سان) نہ ڏ نو. انهن کي (توهان تي اچي ڪرڻ ۽ پٽي ڪائڻ کان) الله کان سواءِ (ٻيو) ڪو ڪونہ روڪي رهيو آهي. جيڪي ماڻهو ايمان رکن ٿا انهن جيلاءِ انهيءَ ۾ يقيناً ڪيترا نشان (ملن) ٿا.

وَاللَّهُ جَعَلَ لَكُمْ مِنْ بُيُوتِكُمْ سَكَنًا وَجَعَلَ لَكُمْ مِنْ جُلُودِ الْأَنْعَامِ بُيُوتًا تَسْتَخِفُّونَهَا يَوْمَ ظَعْنِكُمْ وَيَوْمَ إِقَامَتِكُمْ ۙ وَمِنْ أَصْوَافِهَا وَأَوْبَارِهَا وَأَشْعَارِهَا أَثَاثًا وَمَتَاعًا إِلَىٰ حِينٍ ﴿٨٠﴾

٨١. ۽ الله توهان جي گهرن کي توهان جي رهائش جو ذريعو بنايو آهي ۽ انهيءَ چوپاين جي چمڙي مان (بہ) توهان لاءِ گهر ٺاهيا آهن. جن کي توهان سفر جي وقت نهايت هلڪو محسوس ڪيو ٿا. ۽ (پڻ) پنهنجي رهائش جي وقت (انهيءَ مان فائدو حاصل ڪيو ٿا) ۽ انهن (جانورن) جي اُن ۽ (پڻ) انهن جي ملسن ۽ انهن ڏاسن کي بہ مستقل سامان ۽ هڪ وقت تائين عارضي سامان جو (ذريعو بنايو آهي).

وَاللَّهُ جَعَلَ لَكُمْ مِمَّا خَلَقَ ظِلَالًا وَجَعَلَ لَكُمْ مِنَ الْجِبَالِ أَكْنَانًا وَجَعَلَ لَكُمْ سَرَابِيلَ تَقِيكُمُ الْحَرَّ وَسَرَابِيلَ تَقِيكُمْ بَأْسَكُمْ ۚ كَذَٰلِكَ يُتِمُّ نِعْمَتَهُ عَلَيْكُمْ لَعَلَّكُمْ تُسْلِمُونَ ﴿٨١﴾

٨٢. ۽ الله جو ڪجهہ پيدا ڪيو آهي انهيءَ ۾ توهان جيلاءِ ڪيتريون ڇانو واريون شيون بنايون آهن (جن جي هيٺيان توهان آرام ڪريو ٿا) ۽ جبلن ۾ (بہ) توهان لاءِ پناهہ جون جايون ٺاهيون آهن ۽ پڻ انهيءَ توهان لاءِ ڪيترن قسمن جون قميصون بنايون آهن جيڪي توهان کي گرمي کان بچائن ٿيون. ۽ ڪي قميصون (يعني زرهون) اهڙيون آهن جيڪي توهان کي توهان جي (پاڻ ۾) جنگ (جي سختيءَ) کان بچائن ٿيون. اهڙيءَ طرح اهو توهان تي پنهنجي (روحاني) انعام کي (بہ) پورو ڪريٿو انهيءَ لاءِ تہ توهان (انهيءَ جا) ڪامل فرمانبردار بنجو.

فَإِنْ تَوَلَّوْا فَإِنَّمَا عَلَيْكَ الْبَلَاغُ الْمُبِينُ ﴿٨٢﴾

٨٣. پوءِ جيڪڏهن اهي (هاڻي بہ) ڦري وڃن تہ (انهيءَ سببان اي نبي ! توتي الزام

نہ ايندو ڇو جو) تنهن جي ذمي صرف ڪولي پهچائڻو آهي.

يَعْرِفُوْنَ نِعْمَتَ اللّٰهِ ثُمَّ يُنْكِرُوْنَهَا وَاَكْثَرُهُمُ الْكٰفِرُوْنَ ﴿٨٣﴾

٨۴. اهي الله جي (انهيءَ) انعام کي (چڱي ريت) ڄاڻن ٿا پر پوءِ (بہ) انهيءَ جو انڪار ڪري رهيا آهن ۽ انهن مان اڪثر تہ پڪا ڪافر آهن.

وَيَوْمَ نَبْعَثُ مِنْ كُلِّ اُمَّةٍ شَهِيْدًا ثُمَّ لَا يُؤْذَنُ لِلَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَلَا هُمْ يُسْتَعْتَبُوْنَ ﴿٨٤﴾

٨٥. ۽ (انهيءَ ڏينهن کي بہ ياد ڪيو) جنهن ڏينهن اسان هر هڪ قوم ۾ هڪ شاهد بيهاريندا سين پوءِ (انهيءَ وقت) انهن ماڻهن کي جن ڪفر (جو طريقو) اختيار ڪيو آهي (عذر يا بدلي جي) اجازت نہ ڏني ويندي ۽ نہ (ئي) انهن جو ڪو عذر قبول ڪيو ويندو.

وَاِذَا رَاَ الَّذِيْنَ ظَلَمُوا الْعَذَابَ فَلَا يُخَفَّفُ عَنْهُمْ وَلَا هُمْ يُنْظَرُوْنَ ﴿٨٥﴾

٨٦. ۽ جن ماڻهن ظلم (جو طريقو اختيار) ڪيو آهي اهي جڏهن انهيءَ (واعدي ڪيل) عذاب کي ڏسندا تہ (انهيءَ وقت) نہ (تہ) اهو (عذاب) انهن تان هلڪو ڪيو ويندو ۽ نہ (ئي) انهن کي مهلت ڏني ويندي.

وَاِذَا رَاَ الَّذِيْنَ اَشْرَكُوْا شُرَكَآءَهُمْ قَالُوْا رَبَّنَا هٰٓؤُلَآءِ شُرَكَآؤُنَا الَّذِيْنَ كُنَّا نَدْعُوْا مِنْ دُوْنِكَ ۚ فَاَلْقَوْا اِلَيْهِمُ الْقَوْلَ اِنَّكُمْ لَكٰذِبُوْنَ ﴿٨٦﴾

٨٧. ۽ جن ماڻهن (الله جا) شريڪ ٺاهيا آهن جڏهن اهي پنهنجي (ٺاهيل) شريڪن کي ڏسندا تہ چوندا (تہ) اي اسان جا رب اهي اسان جا (ٺاهيل) شريڪ آهن جن کي اسان توکي ڇڏي پڪاريندا هئاسين جنهن تي اهي (گمان ڪيل شريڪ هڪدم) انهن کي چوندا (تہ) توهان يقينن ڪوڙا آهيو.

وَاَلْقَوْا اِلَى اللّٰهِ يَوْمَئِذِ ِۨالسَّلَمَ وَضَلَّ عَنْهُمْ مَّا كَانُوْا يَفْتَرُوْنَ ﴿٨٧﴾

٨٨. ۽ انهيءَ ڏينهن اهي (ظالم هڪدم) الله جي حضور (پنهنجي فرمانبرداريءَ) جو اظهار ڪندا ۽ اهي (سڀڪجهہ) جنهنکي اهي پنهنجي طرفان گهڙيندا هئا انهن (جي ذهنن) مان غائب ٿي ويندو.

الَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَصَدُّوْا عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ زِدْنٰهُمْ عَذَابًا فَوْقَ الْعَذَابِ بِمَا كَانُوْا يُفْسِدُوْنَ ﴿٨٩﴾

٨٩- جن ماڻهن (خود به) ڪفر (جو طريقو) اختيار ڪيو آهي ۽ (ٻين کي به) الله جي راهه کان روڪيو آهي انهن کي اسان انهيءَ عذاب کان وڌيڪ هڪ ٻيو عذاب ڏينداسين ڇو جو اهي (هميشه) فساد (جا ڪم) ڪندا هئا.

وَيَوْمَ نَبْعَثُ فِيْ كُلِّ اُمَّةٍ شَهِيْدًا عَلَيْهِمْ مِّنْ اَنْفُسِهِمْ وَجِئْنَا بِكَ شَهِيْدًا عَلٰى هٰۤؤُلَآءِ ؕ وَنَزَّلْنَا عَلَيْكَ الْكِتٰبَ تِبْيَانًا لِّكُلِّ شَيْءٍ وَّهُدًى وَّرَحْمَةً وَّبُشْرٰى لِلْمُسْلِمِيْنَ ﴿٩٠﴾ ع ١٢ ١٨

٩٠- ۽ (انهيءَ ڏينهن کي به ياد ڪيو) جنهن ڏينهن اسان هر قوم جي اندر انهن جي خلاف خود انهن مان ئي هڪ شاهد کڙو ڪنداسين ۽ (اي رسول!) توکي اسان انهن (سڀني) جي خلاف شاهد ڪري آڻينداسين ۽ اسان هيءُ ڪتاب هر هڪ ڳالهه کي کولي بيان ڪرڻ لاءِ ۽ (سڀني ماڻهن جي) رهنمائي جيلاءِ ۽ (انهن تي) رحمت ڪرڻ ۽ ڪامل فرمانبرداري اختيار ڪرڻ وارن کي خوشخبري ڏيڻ جيلاءِ لاٿو آهي.

اِنَّ اللّٰهَ يَاْمُرُ بِالْعَدْلِ وَالْاِحْسَانِ وَاِيْتَآئِ ذِي الْقُرْبٰى وَيَنْهٰى عَنِ الْفَحْشَآءِ وَالْمُنْكَرِ وَالْبَغْيِ ۚ يَعِظُكُمْ لَعَلَّكُمْ تَذَكَّرُوْنَ ﴿٩١﴾

٩١- الله يقينن عدل جو ۽ احسان جو ۽ (غير رشتيدارن کي به) مائٽيءَ واري (شخص) وانگر (جاڻڻ ۽ اهڙيءَ طرح مدد) ڏيڻ جو حڪم ڏئي ٿو ۽ (هو هڪ قسم جي) بي حيائي ۽ نا پسنديده ڳالهين ۽ بغاوت کان روڪيٿو اهو توهان کي نصيحت ڪري ٿو انهيءَ لاءِ ته توهان سمجهو.

وَاَوْفُوْا بِعَهْدِ اللّٰهِ اِذَا عٰهَدْتُّمْ وَلَا تَنْقُضُوا الْاَيْمَانَ بَعْدَ تَوْكِيْدِهَا وَقَدْ جَعَلْتُمُ اللّٰهَ عَلَيْكُمْ كَفِيْلًا ؕ اِنَّ اللّٰهَ يَعْلَمُ مَا تَفْعَلُوْنَ ﴿٩٢﴾

٩٢- ۽ (ڪهرجي ته) الله سان (ڪيل پنهنجي) واعدي کي جڏهن توهان (انهيءَ سان ڪو) واعدو ڪيو وڃي، پورو ڪيو.قسمن کي انهن جي مضبوط ڪرڻ کان پوءِ جڏهن ته توهان الله کي (انهيءَ جو قسم کائي) پنهنجو ضامن بنايو آهي، نه ٽوڙيو-جيڪي ڪي توهان ڪيو ٿا الله يقينن انهيءَ کي

جائيندو.

وَلَا تَكُوْنُوْا كَالَّتِىْ نَقَضَتْ غَزْلَهَا مِنْۢ بَعْدِ قُوَّةٍ
اَنْكَاثًا ؕ تَتَّخِذُوْنَ اَيْمَانَكُمْ دَخَلًاۢ بَيْنَكُمْ اَنْ تَكُوْنَ
اُمَّةٌ هِىَ اَرْبٰى مِنْ اُمَّةٍ ؕ اِنَّمَا يَبْلُوْكُمُ اللّٰهُ بِهٖ ؕ وَلَيُبَيِّنَنَّ
لَكُمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ مَا كُنْتُمْ فِيْهِ تَخْتَلِفُوْنَ ﴿٩٣﴾

٩٣- ۽ انهيءَ عورت وانگر نه بنجو جنهن پنهنجي ڪتيل سٽ کي انهيءَ جي مضبوط ٿي وڃڻ کان پوءِ ڪپي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيو هو (اهڙي طرح) توهان پنهنجي قسمن کي ڌوڪي جي ذريعي پاڻ ۾ رسوخ وڌائڻ جو ذريعو بنايو. انهيءَ خوف کان ته ڪا قوم ڪنهن ٻي قوم جي مقابلي ۾ وڌيڪ طاقتور نه ٿي وڃي. الله ته صرف انهيءَ وقت توهان کي انهن (حڪمن) جي ذريعي آزمائي رهيو آهي ۽ قيامت جي ڏينهن توهان تي سڀي حقيقت ضرور کولي ڇڏيندو جنهن ۾ توهان اختلاف رکندا هئا.

وَلَوْ شَآءَ اللّٰهُ لَجَعَلَكُمْ اُمَّةً وَّاحِدَةً وَّلٰكِنْ يُّضِلُّ
مَنْ يَّشَآءُ وَيَهْدِىْ مَنْ يَّشَآءُ ؕ وَلَتُسْـَٔلُنَّ عَمَّا
كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿٩٤﴾

٩٤- جيڪڏهن الله پنهنجي (ٿي) مرضي کي جاري ڪري ها ته اهو (سڀني) کي هڪ ئي جماعت بنائي ها پر (اهو ائين نه ٿو ڪري پر) جيڪو شخص (گمراهيءَ کي) چاهيندو انهيءَ کي اهو گمراهه ڪريندو ۽ جيڪو (هدايت کي) چاهيندو انهيءَ کي اهو هدايت ڏئي ٿو ۽ جيڪي ڪجهه توهان ڪيو ٿا انهيءَ جي متعلق (قيامت جي ڏينهن) توهان کان پڇيو ويندو.

وَلَا تَتَّخِذُوْٓا اَيْمَانَكُمْ دَخَلًاۢ بَيْنَكُمْ فَتَزِلَّ قَدَمٌۢ
بَعْدَ ثُبُوْتِهَا وَتَذُوْقُوا السُّوْٓءَ بِمَا صَدَدْتُّمْ عَنْ
سَبِيْلِ اللّٰهِ ۚ وَلَكُمْ عَذَابٌ عَظِيْمٌ ﴿٩٥﴾

٩٥- ۽ توهان پنهنجي قسمن کي پاڻ ۾ ڌوڪي ڪرڻ جو ذريعو نه بنايو نه ته (توهان جو) قدم انهيءَ کان پوءِ جڏهن اهو (خوب مضبوطيءَ سان) ڄمي چڪو هجي (وري) ترڪي پوندو ۽ توهان بڇڙي پڇاڙي ڏسندؤ. ڇوجو توهان (اهڙي طرح ٻين ماڻهن کي به) الله جي راهه کان روڪيو ۽ توهان تي عذاب (نازل) ٿيندو.

وَلَا تَشْتَرُوْا بِعَهْدِ اللّٰهِ ثَمَنًا قَلِيْلًا ۚ إِنَّمَا عِنْدَ اللّٰهِ هُوَ خَيْرٌ لَّكُمْ إِنْ كُنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿٩٦﴾

٩٦. ۽ توهان الله (سان ڪيل) واعدي جي بدلي ۾ حقير (۽ ٿورڙي) قيمت (رکڻ واري شئي) نه وٺو. جيڪڏهن توهان عقل رکو ٿا ته جيڪي ڪي الله وٽ آهي اهو توهان لاءِ يقينن (انهيءَ کان گهڻو) بهتر آهي.

مَا عِنْدَكُمْ يَنْفَدُ وَمَا عِنْدَ اللّٰهِ بَاقٍ ۗ وَلَنَجْزِيَنَّ الَّذِيْنَ صَبَرُوْا أَجْرَهُمْ بِأَحْسَنِ مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿٩٧﴾

٩٧. جيڪي ڪي توهان وٽ آهي اهو ختم ٿي ويندو ۽ جيڪي ڪجهه الله وٽ آهي اهو (هميشه) رهڻ وارو آهي ۽ (اسان کي پنهنجي ذات جو قسم آهي ته) جيڪي ماڻهو ثابت قدم رهيا آهن اسان انهن کي يقينن انهن جي بهترين عمل جي مطابق (انهن جي سڀني نيڪ عملن جو) بدلو ڏينداسين.

مَنْ عَمِلَ صَالِحًا مِّنْ ذَكَرٍ أَوْ أُنْثٰى وَهُوَ مُؤْمِنٌ فَلَنُحْيِيَنَّهُ حَيٰوةً طَيِّبَةً ۚ وَلَنَجْزِيَنَّهُمْ أَجْرَهُمْ بِأَحْسَنِ مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿٩٨﴾

٩٨. جيڪو به مومن هئڻ جي حالت ۾ نيڪ ۽ مناسب حال عمل ڪندو، مرد هجي يا عورت اسان انهيءَ کي يقينن هڪ پاڪ زندگي عطا ڪنداسين ۽ اسان انهن (سڀني ماڻهن) کي انهن جي بهترين عمل مطابق (انهن جي سڀني نيڪ عملن جو) بدلو ڏينداسين.

فَإِذَا قَرَأْتَ الْقُرْاٰنَ فَاسْتَعِذْ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ﴿٩٩﴾

٩٩. (اي مخاطب!) جڏهين تون قرآن پڙهڻ لڳين ته ڌڪاريل شيطان (جي شر) کان (محفوظ رهڻ جي لاءِ) الله جي پناهه گهرندو (ڪر).

إِنَّهُ لَيْسَ لَهُ سُلْطٰنٌ عَلَى الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَلٰى رَبِّهِمْ يَتَوَكَّلُوْنَ ﴿١٠٠﴾

١٠٠. (سچي) ڳالهه يقينن اها آهي ته جن ماڻهن ايمان آندو آهي ۽ پنهنجي رب (جي پناهه) تي ڀروسو رکن ٿا، انهن تي انهيءَ جي ڪا به طاقت ڪانهي.

إِنَّمَا سُلْطٰنُهُ عَلَى الَّذِيْنَ يَتَوَلَّوْنَهُ وَالَّذِيْنَ هُمْ بِهِ مُشْرِكُوْنَ ﴿١٠١﴾ ع ١٣

١٠١. انهيءَ جي طاقت صرف انهن ماڻهن تي (هوندي) آهي جيڪي انهيءَ سان دوستي رکن ٿا ۽ جيڪي انهيءَ جي سببان شرڪت ڪن ٿا.

وَإِذَا بَدَّلْنَآ ءَايَةً مَّكَانَ ءَايَةٍ ۙ وَٱللَّهُ أَعْلَمُ بِمَا يُنَزِّلُ قَالُوٓا۟ إِنَّمَآ أَنتَ مُفْتَرٍۭ ۚ بَلْ أَكْثَرُهُمْ لَا يَعْلَمُونَ ﴿١٠١﴾

١٠٢. ۽ جڏهين اسان ڪنهن نشان جي جاءِ تي ڪو ٻيو نشان آڻيون ٿا ۽ (انهيءَ ۾ڪهڙو شڪ آهي تہ) الله جيڪي ڪجهہ لاهي ٿو انهيءَ (جي ضرورت) کي اهو (سڀني کان) بهتر ڄاڻيٿو تہ (انهيءَ موقعي تي مخاطب) چونٿا تہ تون ڪوڙو آهين (پرحقيقت ائين) نہ آهي پر انهن مان اڪثر علم نٿا رکن.

قُلْ نَزَّلَهُۥ رُوحُ ٱلْقُدُسِ مِن رَّبِّكَ بِٱلْحَقِّ لِيُثَبِّتَ ٱلَّذِينَ ءَامَنُوا۟ وَهُدًى وَبُشْرَىٰ لِلْمُسْلِمِينَ ﴿١٠٢﴾

١٠٣. تون (اهڙي اعتراض ڪندڙ کي) چؤ (تہ) روح القدس انهيءَ کي تنهن جي رب جي طرف کان حق (۽ حڪمت) سان لاٿو آهي انهيءَ لاءِ تہ جن ماڻهن ايمان آندو آهي انهن کي اهو (ايمان تي) هميشه لاءِ قائم ڪري ۽ (پڻ انهيءَ) فرمانبردارن جي (وڏيڪ) رهنمائي، جيلاءِ ۽ (انهن کي) خوشخبري ڏيڻ لاءِ (انهيءَ کي لاٿو آهي).

وَلَقَدْ نَعْلَمُ أَنَّهُمْ يَقُولُونَ إِنَّمَا يُعَلِّمُهُۥ بَشَرٌ ۗ لِّسَانُ ٱلَّذِى يُلْحِدُونَ إِلَيْهِ أَعْجَمِىٌّ وَهَٰذَا لِسَانٌ عَرَبِىٌّ مُّبِينٌ ﴿١٠٣﴾

١٠٤. ۽ اسان يقينن ڄاڻون ٿا تہ اهي چونٿا (تہ هيءَ وحي الاهي ڪانهي پر) هڪ ماڻهو انهيءَ کي سيکاري ٿو (پر اهي نہ ٿا سمجهن تہ) جنهن شخص ڏانهن اهي (اشارو ڪن ٿا ۽ انهن جا ذهن انهيءَ ڏانهن) مائل ٿين ٿا انهيءَ جي زبان عجمي آهي ۽ هي (قرآني زبان تہ چڱي ريت) روشن (ڪري ڏيکارڻ واري) عربي زبان آهي.

إِنَّ ٱلَّذِينَ لَا يُؤْمِنُونَ بِـَٔايَٰتِ ٱللَّهِ لَا يَهْدِيهِمُ ٱللَّهُ وَلَهُمْ عَذَابٌ أَلِيمٌ ﴿١٠٤﴾

١٠٥. جيڪي ماڻهو الله جي نشانين تي ايمان نہ ٿا آڻين ـ الله انهن کي هدايت نہ ٿو ڏئي، ۽ انهن لاءِ دردناڪ عذاب (مقدر) آهي.

إِنَّمَا يَفْتَرِى ٱلْكَذِبَ ٱلَّذِينَ لَا يُؤْمِنُونَ بِـَٔايَٰتِ ٱللَّهِ ۖ وَأُو۟لَٰٓئِكَ هُمُ ٱلْكَٰذِبُونَ ﴿١٠٥﴾

١٠٦. ڪوڙ اهي ئي ماڻهو ٺاهيندا آهن جيڪي الله جي نشانين تي ايمان نٿا رکن ۽ اهي ئي ماڻهو پڪا ڪوڙا آهن.

مَنْ كَفَرَ بِاللّٰهِ مِنْ بَعْدِ اِيْمَانِهٖٓ اِلَّا مَنْ اُكْرِهَ وَ
قَلْبُهٗ مُطْمَئِنٌّۢ بِالْاِيْمَانِ وَلٰكِنْ مَّنْ شَرَحَ بِالْكُفْرِ
صَدْرًا فَعَلَيْهِمْ غَضَبٌ مِّنَ اللّٰهِ ۚ وَلَهُمْ عَذَابٌ عَظِيْمٌ ﴿١٠٦﴾

١٠٧- جيڪي ماڻهو (ٻـ) پنهن جي ايمان آڻڻ کانپوءِ الله جو انڪار ڪن سواءِ انهن جي جن کي (ڪفر تي) مجبور ڪيو ويو هجي پر انهن جي دل ايمان تي مطمئن هجي (اهي پڪڙ ۾ نـہ ايندا) ها اهي جن (پنهن جو) سينو ڪفر لاءِ کولي ڇڏيو هجي انهن تي الله جو (تمام) وڏو غضب (نازل) ٿيندو. ۽ انهن جيلاءِ تمام ڳرو عذاب (مقدر) آهي.

ذٰلِكَ بِاَنَّهُمُ اسْتَحَبُّوا الْحَيٰوةَ الدُّنْيَا عَلَى الْاٰخِرَةِ ۙ وَ
اَنَّ اللّٰهَ لَا يَهْدِي الْقَوْمَ الْكٰفِرِيْنَ ﴿١٠٧﴾

١٠٨- ۽ اهين انهيءَ سبب جي ڪري هوندو جو انهن هن دنيوي زندگيءَ سان محبت ڪري انهيءَ کي آخرت تي مقدم ڪيو ۽ (پڻ انهيءَ سبب ڪري جو) الله ڪفر اختيار ڪرڻ وارن ماڻهن کي هدايت نٿو ڏئي.

اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ طَبَعَ اللّٰهُ عَلٰى قُلُوْبِهِمْ وَسَمْعِهِمْ وَ
اَبْصَارِهِمْ ۚ وَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْغٰفِلُوْنَ ﴿١٠٨﴾

١٠٩- هي اهي ماڻهو آهن جن (جي ڪفر جي سبب ڪري انهن) جي دلين ۽ انهن جي ڪنن ۽ انهن جي اکين تي الله مهر لڳائي ڇڏي آهي ۽ اهي ئي ماڻهو آهن جيڪي پڪا غافل آهن.

لَا جَرَمَ اَنَّهُمْ فِي الْاٰخِرَةِ هُمُ الْخٰسِرُوْنَ ﴿١٠٩﴾

١١٠- (۽) انهيءَ ۾ ڪوبہ شڪ ڪونهي جو اهي آخرت ۾ (سڀني کان) وڌيڪ نقصان کڻڻ وارا هوندا.

ثُمَّ اِنَّ رَبَّكَ لِلَّذِيْنَ هَاجَرُوْا مِنْ بَعْدِ مَا فُتِنُوْا
ثُمَّ جٰهَدُوْا وَصَبَرُوْٓا ۙ اِنَّ رَبَّكَ مِنْ بَعْدِهَا لَغَفُوْرٌ
رَّحِيْمٌ ﴿١١٠﴾ ع ١٤

١١١- ۽ تنهن جو رب يقينن انهن ماڻهن جيلاءِ جيڪي ڏک ۾ پوڻ کانپوءِ هجرت ڪري ويا پوءِ انهن جهاد ڪيو ۽ (پنهنجي انجام تي) ثابت قدم رهيا (هاڻي) تنهنجو رب يقينن انهيءَ (شرط کي پوري ڪرڻ) کانپوءِ (انهن جيلاءِ) ڏاڍو بخشڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو (ثابت) ٿيندو.

يَوْمَ تَاْتِيْ كُلُّ نَفْسٍ تُجَادِلُ عَنْ نَّفْسِهَا وَتُوَفّٰى

١١٢- (انهيءَ جزا جو ظهور خصوصيت سان انهيءَ ڏينهن ٿيندو) جنهن ڏينهن هر ڪو

مجبور ڪيو وڃي انهي حالت ۾ جو (شريعت جو) مقابلو ڪرڻ وارو نه هجي ۽ نه حد کان وڌيڪ وڌڻ وارو هجي ته (ياد رکو ته) الله ڏاڍو بخشڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي.

وَلَا تَقُولُوا لِمَا تَصِفُ أَلْسِنَتُكُمُ الْكَذِبَ هَٰذَا حَلَالٌ وَهَٰذَا حَرَامٌ لِّتَفْتَرُوا عَلَى اللَّهِ الْكَذِبَ ۚ إِنَّ الَّذِينَ يَفْتَرُونَ عَلَى اللَّهِ الْكَذِبَ لَا يُفْلِحُونَ ﴿١١٦﴾

١١٧. ۽ پنهن جي زبانن جي ڪوڙن بيانن جي سببان (ائين) نه چئو ته هي حلال آهي ۽ هي حرام آهي (ته ائين نه ٿئي) جو توهان الله تي ڪوڙ ٻڌڻ وارا بڻجي وڃو جيڪي ماڻهو الله تي ڪوڙ ٻڌن ٿا اهي هرگز ڪامياب نه ٿا ٿين.

مَتَاعٌ قَلِيلٌ وَلَهُمْ عَذَابٌ أَلِيمٌ ﴿١١٧﴾

١١٨. (هي دنيا) ٿورڙو عارضي سامان آهي ۽ (انهيءَ ڪوڙ جي نتيجي ۾) انهن جيلاءِ دردناڪ عذاب (مقدر) آهي (پوءِ)انهيءَ کان بچڻ گهرجي.

وَعَلَى الَّذِينَ هَادُوا حَرَّمْنَا مَا قَصَصْنَا عَلَيْكَ مِن قَبْلُ ۖ وَمَا ظَلَمْنَاهُمْ وَلَٰكِن كَانُوا أَنفُسَهُمْ يَظْلِمُونَ ﴿١١٨﴾

١١٩. ۽ جن ماڻهن يهودي مذهب اختيار ڪيو هو انهن تي (به) اسان انهيءَ کان پهرين اهي (سيئي) شيون حرام ڪيون هيون جن جو ذڪر اسان توسان ڪيو آهي ۽ اسان انهن تي (اهي حڪم ڏيئي) ظلم نه ڪيو هو پر اهي (انهن حڪمن کي ٽوڙي) پنهنجي جانين تي ظلم ڪندا هئا.

ثُمَّ إِنَّ رَبَّكَ لِلَّذِينَ عَمِلُوا السُّوءَ بِجَهَالَةٍ ثُمَّ تَابُوا مِن بَعْدِ ذَٰلِكَ وَأَصْلَحُوا إِنَّ رَبَّكَ مِن بَعْدِهَا لَغَفُورٌ رَّحِيمٌ ﴿١١٩﴾ ع ١٥

١٢٠. پوءِ (ياد رکو ته) جن ماڻهن بي خبريءَ جي حالت ۾ (ڪا) برائي ڪئي هجي (۽) پوءِ انهيءَ کانپوءِ (اهي انهيءَ کان) توبهه ڪن ۽ (پنهنجي غلطيءَ جو) اصلاح (به) ڪن. انهن جي حق ۾ تنهن جو رب انهن (شرطن جي پوري ڪرڻ) کانپوءِ گهڻو ئي بخشڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو (ثابت) ٿيندو.

إِنَّ إِبْرٰهِيمَ كَانَ أُمَّةً قَانِتًا لِّلّٰهِ حَنِيفًا ۖ وَلَمْ يَكُ مِنَ الْمُشْرِكِينَ ﴿١٢١﴾

١٢١. ابراهيم يقينن هر (هڪ) خبر جو جامع الله جي خاطر عاجزي اختيار ڪرڻ وارو (۽) هميشه خدا جي ڪامل فرمانبرداري ڪرڻ وارو هو ۽ اهو مشرڪن مان نہ هو.

شَاكِرًا لِّأَنْعُمِهِ ۚ اجْتَبٰهُ وَهَدٰهُ إِلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيمٍ ﴿١٢٢﴾

١٢٢. (اهو) انهيءَ جي انعامن جو شڪر گذار هو انهيءَ (جي رب) انهيءَ کي چونڊيو هو ۽ هڪ سڌي واٽ ڏانهن انهيءَ جي رهنمائي ڪئي هئي.

وَاٰتَيْنٰهُ فِي الدُّنْيَا حَسَنَةً ۖ وَإِنَّهُ فِي الْاٰخِرَةِ لَمِنَ الصّٰلِحِينَ ﴿١٢٣﴾

١٢٣. ۽ اسان انهيءَ کي هن دنيا ۾ (بہ وڏي) ڪاميابي بخشي هئي ۽ اهو آخرت ۾ (بہ) يقينن صالح ماڻهن مان هوندو.

ثُمَّ أَوْحَيْنَا إِلَيْكَ أَنِ اتَّبِعْ مِلَّةَ إِبْرٰهِيمَ حَنِيفًا ۖ وَمَا كَانَ مِنَ الْمُشْرِكِينَ ﴿١٢٤﴾

١٢٤. ۽ (اي رسول) اسان توکي وحيءَ جي ذريعي حڪم ڏنو آهي تہ (اسانجي) ڪامل فرمانبرداري تي هميشه قائم رهڻ واري ابراهيم جي طريقي جي پيروي ڪر ۽ (اي مڪي وارا ڄاڻو ٿا تہ) اهو مشرڪن مان نہ هو.

إِنَّمَا جُعِلَ السَّبْتُ عَلَى الَّذِينَ اخْتَلَفُوا فِيهِ ۚ وَإِنَّ رَبَّكَ لَيَحْكُمُ بَيْنَهُمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ فِيمَا كَانُوا فِيهِ يَخْتَلِفُونَ ﴿١٢٥﴾

١٢٥. سبت (جو وبال) انهن تي ماڻهن تي وڌو ويو هو جن انهيءَ ۾ اختلاف ڪيو هو ۽ تنهن جو رب انهيءَ امر جي متعلق جنهن ۾ اهي اختلاف ڪندا هئا يقينن قيامت جي ڏينهن فيصلو ڪندو.

ادْعُ إِلٰى سَبِيلِ رَبِّكَ بِالْحِكْمَةِ وَالْمَوْعِظَةِ الْحَسَنَةِ ۖ وَجٰدِلْهُمْ بِالَّتِي هِيَ أَحْسَنُ ۚ إِنَّ رَبَّكَ هُوَ أَعْلَمُ بِمَنْ ضَلَّ عَنْ سَبِيلِهِ ۖ وَهُوَ أَعْلَمُ بِالْمُهْتَدِينَ ﴿١٢٦﴾

١٢٦. (۽ اي رسول) تون (ماڻهن کي) حڪمت ۽ چڱي نصيحت جي ذريعي پنهنجي رب جي راهہ ڏانهن سڏ ۽ انهيءَ طريقي سان جيڪو سڀ کان سٺو هجي ـ انهن سان (انهن جي اختلافن جي متعلق) بحث ڪر. تنهنجو رب انهن کي (بہ) جيڪي انهيءَ جي راهہ کان ڀٽڪي ويا هجن (سڀ کان) بهتر ڄاڻي ٿو ۽ انهن کي بہ جيڪي هدايت حاصل ڪن

ٿا.

وَاِنْ عَاقَبْتُمْ فَعَاقِبُوْا بِمِثْلِ مَا عُوْقِبْتُمْ بِهٖ ۚ وَلَئِنْ صَبَرْتُمْ لَهُوَ خَيْرٌ لِّلصّٰبِرِيْنَ ﴿۱۲۶﴾

۱۲۷. جيڪڏهن توهان (ماڻهو زيادتي ڪرڻ وارن کي) سزا ڏيو ته جيتري توهان تي زيادتي ڪئي وئي هجي توهان اوتري (ئي) سزا ڏيو ۽ (اسان کي پنهنجي ذات جو قسم آهي ته) جيڪڏهن توهان صبر ڪندؤ ته صبر ڪرڻ وارن جي حق ۾ اهو (يعني صبر ڪرڻ) بهتر ٿيندو.

وَاصْبِرْ وَمَا صَبْرُكَ اِلَّا بِاللّٰهِ وَلَا تَحْزَنْ عَلَيْهِمْ وَلَا تَكُ فِيْ ضَيْقٍ مِّمَّا يَمْكُرُوْنَ ﴿۱۲۷﴾

۱۲۸. ۽ (اي رسول) تون صبر ڪان ڪم وٺ ۽ تنهن جو صبر ڪرڻ الله (جي مدد) سان ئي (ٿي سگهي) ٿو ۽ تون انهن (ماڻهن جي حالت) تي غم نه ڪر. ۽ جيڪي تدبيرون اهي ڪن ٿا انهن جي سببان تڪليف محسوس نه ڪر.

اِنَّ اللّٰهَ مَعَ الَّذِيْنَ اتَّقَوْا وَّالَّذِيْنَ هُمْ مُّحْسِنُوْنَ ﴿۱۲۸﴾ ع ۱۶

۱۲۹. ۽ ياد رک ته الله يقينن انهن ماڻهن سان گڏ هوندو آهي جن تقويٰ (جو طريقو) اختيار ڪيو هجي ۽ جيڪي نيڪو ڪار هجن.

سُوْرَةُ بَنِیْٓ اِسْرَآءِیْلَ مَکِّیَّةٌ وَّهِیَ مَعَ الْبَسْمَلَةِ مِائَةٌ وَّاثْنَتَا عَشْرَةَ اٰیَةً وَّاثْنَا عَشَرَ رُكُوْعًا

سورت بني اسرائيل.هي سورت مڪي آهي ۽ بسم الله سميت هن جون هڪ سئو ٻارنهن آيتون ۽ ٻارهن رڪوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ①

١ـ (مان) الله جو نالو وٺي جيڪو بيحد ڪرم ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي (پڙهانئو)

الجزء ۱۵

سُبْحٰنَ الَّذِیْٓ اَسْرٰی بِعَبْدِهٖ لَیْلًا مِّنَ الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ اِلَی الْمَسْجِدِ الْاَقْصَا الَّذِیْ بٰرَكْنَا حَوْلَهٗ لِنُرِیَهٗ مِنْ اٰیٰتِنَا ؕ اِنَّهٗ هُوَ السَّمِیْعُ الْبَصِیْرُ ②

٢ـ (مان) انهيءَ (خدا) جي پاڪائي (بيان ڪيانئو) جيڪو رات جي وقت پنهن جي ٻانهي کي (انهي حرمت واري مسجد کان (انهيءَ) پري واري مسجد تائين جنهن جي آسپاس کي (بہ) اسان برڪت ڏني آهي (انهيء ڪري) وٺي ويو تہ اسان انهيء کي پنهن جا ڪي نشان ڏيکاريون يقينن اهو ئي (خدا) آهي جيڪو (پنهنجي ٻانهن جي پڪار کي) ڏاڍو ٻڌڻ وارو (۽ انهن جي حالتن کي) چڱيء ريت ڏسڻ وارو آهي.

وَاٰتَیْنَا مُوْسَی الْكِتٰبَ وَجَعَلْنٰهُ هُدًی لِّبَنِیْٓ اِسْرَآءِیْلَ اَلَّا تَتَّخِذُوْا مِنْ دُوْنِیْ وَكِیْلًا ③

٣ـ ۽ اسان موسيٰ کي ڪتاب (يعني توريت) ڏنو هو ۽ انهيء کي اسان بني اسرائيل جيلاءِ هدايت (جو ذريعو) بنايو هو (۽ انهيء ۾ انهن کي حڪم ڏنو هو) تہ توهان مونکانسواءِ ڪنهن کي (پنهنجو) ڪارساز نہ بنايو.

ذُرِّیَّةَ مَنْ حَمَلْنَا مَعَ نُوْحٍ ؕ اِنَّهٗ كَانَ عَبْدًا شَكُوْرًا ④

٤ـ (۽ هي بہ چيو هو سين تہ اي) انهن ماڻهن جا نسل! جنکي اسان نوح سان گڏ (ٻيڙيء تي) سوار ڪيو هو (ياد رکو تہ) اهو يقينن (اسانجو) نهايت شڪر گذار ٻانهون هو (پوءِ توهان بہ شڪر گذار بنجو).

وَقَضَیْنَآ اِلٰی بَنِیْٓ اِسْرَآءِیْلَ فِی الْكِتٰبِ لَتُفْسِدُنَّ

٥ـ ۽ اسان هن ڪتاب ۾ بني اسرائيل کي هي

جَهَنَّمَ لِلْكٰفِرِيْنَ حَصِيْرًا ﴿٩﴾

عين ممڪن آهي) تہ توهانجو رب توهانتي رحم ڪري ۽ جيڪڏهن توهان (وري پنهن جي غلط رويّي ڏانهن) موٽيا تہ اسان بہ (سزا جي طرف) موٽنداسين ۽ (ياد رکو تہ) جهنم کي اسان ڪافرن جيلاءِ قيد خانو بڻايو آهي.

اِنَّ هٰذَا الْقُرْاٰنَ يَهْدِيْ لِلَّتِيْ هِيَ اَقْوَمُ وَيُبَشِّرُ الْمُؤْمِنِيْنَ الَّذِيْنَ يَعْمَلُوْنَ الصّٰلِحٰتِ اَنَّ لَهُمْ اَجْرًا كَبِيْرًا ﴿١٠﴾

١٠- هيءَ قرآن يقينن انهيءَ (راهہ جي) طرف رهنمائي ڪريٿو جيڪا سڀني کان وڌيڪ صحيح آهي - ۽ مومنن کي جيڪي حال سارو ڪم ڪن ٿا خوشخبري ڏيئٿو تہ انهن جيلاءِ (عام) وڏو اجر (مقدر) آهي.

وَّاَنَّ الَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ بِالْاٰخِرَةِ اَعْتَدْنَا لَهُمْ عَذَابًا اَلِيْمًا ﴿١١﴾ ع

١١- ۽ (قرآن) هيئن (بہ چويٿو) تہ جيڪي ماڻهو آخرت تي ايمان نٿا آڻين انهن جيلاءِ اسان دردناڪ عذاب تيار ڪيو آهي.

وَيَدْعُ الْاِنْسَانُ بِالشَّرِّ دُعَآءَهٗ بِالْخَيْرِ ۭ وَكَانَ الْاِنْسَانُ عَجُوْلًا ﴿١٢﴾

١٢- ۽ انسان شر کي (اهڙي جوش سان) سڏي ٿو جنهن جوش سان الله انهيءَ (بندي) کي خير جي طرف سڏيندو رهندو آهي ۽ انسان ڏاڍو اُبهرو (واقع ٿيو) آهي.

وَجَعَلْنَا الَّيْلَ وَالنَّهَارَ اٰيَتَيْنِ فَمَحَوْنَآ اٰيَةَ الَّيْلِ وَجَعَلْنَآ اٰيَةَ النَّهَارِ مُبْصِرَةً لِّتَبْتَغُوْا فَضْلًا مِّنْ رَّبِّكُمْ وَلِتَعْلَمُوْا عَدَدَ السِّنِيْنَ وَالْحِسَابَ ۭ وَكُلَّ شَيْءٍ فَصَّلْنٰهُ تَفْصِيْلًا ﴿١٣﴾

١٣- ۽ اسان رات ۽ ڏينهن بہ نشان بنايا آهن. اهڙيءَ طرح جو رات واري نشان جي اثر کي تہ اسان مٽائي ڇڏيو ۽ ڏينهن واري نشان کي اسان بينائي بخشڻ وارو بنائي ڇڏيو.انهيءَ لاءِ تہ توهان خدا جي فضل کي تلاش ڪيو ۽ (سولائيءَ سان) سالن جي ڳڻپ ۽ حساب معلوم ڪري سگهو. ۽ اسان هر هڪ شئي کي چڱي ريت کولي کولي بيان ڪيو آهي.

وَكُلَّ اِنْسَانٍ اَلْزَمْنٰهُ طٰۗىِٕرَهٗ فِيْ عُنُقِهٖ ۭ وَنُخْرِجُ لَهٗ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ كِتٰبًا يَّلْقٰىهُ مَنْشُوْرًا ﴿١٤﴾

١٤- ۽ اسان هر انسان جي ڳچيءَ ۾ انهيءَ جي عمل کي ٻڌي ڇڏيو آهي ۽ اسان قيامت جي ڏينهن انهيءَ (جي عملن) جو هڪ ڪتاب

ڪيڏي انهيءَ جي سامهون رکنداسين، جنهنکي اهو (بلڪل) کليل ڏسي سگهندو.

اِقْرَاْ كِتٰبَكَ ؕ كَفٰى بِنَفْسِكَ الْيَوْمَ عَلَيْكَ حَسِيْبًا ؕ ﴿١٤﴾

١٥. (۽ انهيءَ کي چيو ويندو) پنهنجو ڪتاب (خود ئي) پڙهي (ڪري ڏس) اڄ تنهنجو نفس ئي تنهنجو حساب وٺڻ لاءِ ڪافي آهي.

مَنِ اهْتَدٰى فَاِنَّمَا يَهْتَدِيْ لِنَفْسِهٖ ۚ وَمَنْ ضَلَّ فَاِنَّمَا يَضِلُّ عَلَيْهَا ؕ وَلَا تَزِرُ وَازِرَةٌ وِّزْرَ اُخْرٰى ؕ وَمَا كُنَّا مُعَذِّبِيْنَ حَتّٰى نَبْعَثَ رَسُوْلًا ﴿١٥﴾

١٦. (پوءِ ياد رکو تہ) جيڪو هدايت کي قبول ڪندو انهيءَ جي هدايت حاصل ڪرڻ انهيءَ جي ذات جي فائدي جيلاءِ آهي ۽ جيڪو (انهيءَ هدايت کي رد ڪري) گمراهہ ٿيندو. انهيءَ جو گمراهہ ٿيڻ انهيءَ جي (نفس جي) خلاف ٿيندو ۽ ڪابہ بار کڻڻ واري جان ڪنهن ٻي (جان) جو بار نہ کڻندي ۽ اسان (ڪنهن قوم تي) هرگز عذاب نٿا موڪليون جيستائين (انهن ڏانهن) ڪو رسول نہ موڪليون.

وَاِذَآ اَرَدْنَآ اَنْ نُّهْلِكَ قَرْيَةً اَمَرْنَا مُتْرَفِيْهَا فَفَسَقُوْا فِيْهَا فَحَقَّ عَلَيْهَا الْقَوْلُ فَدَمَّرْنٰهَا تَدْمِيْرًا ﴿١٦﴾

١٧. ۽ جڏهن اسان ڪنهن ڳوٺ کي تباهہ ڪرڻ جو ارادو ڪندا آهيون تہ پهرين اسان انهيءَ جي آسودن ماڻهن کي (نيڪيءَ جو) حڪم ڏيندا آهيون جنهن تي اهي (هيڪاري) انهيءَ (ڳوٺ) ۾ نافرماني (جي راهہ) اختيار ڪندا آهن. تڏهين انهيءَ ڳوٺ جي متعلق اسانجو ڪلام پورو ٿي ويندو آهي ۽ اسان انهيءَ کي پوريءَ طرح تباهہ ڪري ڇڏيندا آهيون.

وَكَمْ اَهْلَكْنَا مِنَ الْقُرُوْنِ مِنْۢ بَعْدِ نُوْحٍ ؕ وَكَفٰى بِرَبِّكَ بِذُنُوْبِ عِبَادِهٖ خَبِيْرًاۢ بَصِيْرًا ﴿١٧﴾

١٨. ۽ (انهيءَ قانون جي مطابق) اسان نوح (جي قوم کي ۽ انهيءَ) کانپوءِ (هڪ ٻئي پٺيان) ڪيترن نسلن کي تباهہ ڪيو ۽ تنهنجو رب پنهنجي ٻانهن جي گناهن تي (چڱي طرح) خبر رکڻ وارو (آهي ۽ انهن

کي) چڱيءَ طرح ڏسيٺو.

مَنْ كَانَ يُرِيْدُ الْعَاجِلَةَ عَجَّلْنَا لَهٗ فِيْهَا مَا نَشَآءُ لِمَنْ نُّرِيْدُ ثُمَّ جَعَلْنَا لَهٗ جَهَنَّمَ ۚ يَصْلٰهَا مَذْمُوْمًا مَّدْحُوْرًا ﴿١٩﴾

١٩. جيڪو شخص (رڳو) دنيا جو گهرجائو هجي اسان اهڙي قسم جي ماڻهن مان جنهن کي چاهيونٿا هن دنيا ۾ جلديءَ وارو (دنيوي) فائدو ڏيئي ڇڏيندا آهيون. انهيءَ کانپوءِ انهيءَ لاءِ جهنم (جو عذاب) مقرر ڪري ڇڏيندا آهيون جنهن ۾ اهو خوار ۽ تڙيل ٿي داخل ٿي ويندو آهي.

وَمَنْ اَرَادَ الْاٰخِرَةَ وَسَعٰى لَهَا سَعْيَهَا وَهُوَ مُؤْمِنٌ فَاُولٰٓئِكَ كَانَ سَعْيُهُمْ مَّشْكُوْرًا ﴿٢٠﴾

٢٠. ۽ جن ماڻهن ايمان جي حالت ۾ آخرت جي خواهش ڪئي ۽ انهيءَ جيلاءِ انهيءَ جي مطابق ڪوشش (به) ڪئي تہ (ياد رکو) اهڙائي ماڻهو آهن - جن جي ڪوشش جو قدر ڪيو ويندو.

كُلًّا نُّمِدُّ هٰٓؤُلَآءِ وَهٰٓؤُلَآءِ مِنْ عَطَآءِ رَبِّكَ ۚ وَمَا كَانَ عَطَآءُ رَبِّكَ مَحْظُوْرًا ﴿٢١﴾

٢١. اسان سڀني کي مدد ڏيونٿا انهن کي بہ (يعني دين وارن کي بہ) ۽ انهن کي بہ (يعني دنيا وارن کي بہ) (۽ اها مدد) تنهن جي رب جي ذات مان آهي ۽ تنهن جي رب جي ذات (ڪنهن خاص ٽولي کان) روڪي نہ ويندي آهي.

اُنْظُرْ كَيْفَ فَضَّلْنَا بَعْضَهُمْ عَلٰى بَعْضٍ ۚ وَلَلْاٰخِرَةُ اَكْبَرُ دَرَجٰتٍ وَّاَكْبَرُ تَفْضِيْلًا ﴿٢٢﴾

٢٢. ڏس ڪهڙيءَ طرح اسان (دنيوي سامانن جي صورت ۾ بہ) انهن مان ڪن کي ڪن تي فضيلت ڏيئي (ڇڏي) آهي ۽ آخرت (جي زندگي) تہ يقينَ (اڃا بہ) وڏن درجن واري ۽ وڏيڪ فضيلت واري (زندگي) هوندي.

لَا تَجْعَلْ مَعَ اللّٰهِ اِلٰهًا اٰخَرَ فَتَقْعُدَ مَذْمُوْمًا مَّخْذُوْلًا ﴿٢٣﴾ ع

٢٣. پوءِ (اي مخاطب!) الله سان ڪو بہ ٻيو معبود نہ بناءِ، نہ تہ تون الزام لڳارائي (۽ الاهي) فتح کان محروم ٿي ويهي ويندين.

وَقَضٰى رَبُّكَ اَلَّا تَعْبُدُوْٓا اِلَّآ اِيَّاهُ وَبِالْوَالِدَيْنِ

٢٤. تنهن جي رب (انهيءَ ڳالهہ جو) تاڪيدي حڪم ڏنو آهي تہ توهان انهيءَ

إِحْسَانًا ۚ إِمَّا يَبْلُغَنَّ عِنْدَكَ الْكِبَرَ أَحَدُهُمَآ أَوْ
كِلٰهُمَا فَلَا تَقُلْ لَّهُمَآ أُفٍّ وَّلَا تَنْهَرْهُمَا وَقُلْ لَّهُمَا
قَوْلًا كَرِيْمًا ﴿۲۴﴾

كانسواءِ ڪنهن جي عبادت نہ ڪريو ۽ (پڻ هيءَ بہ تہ پنهنجي) ماءُ پيءُ سان سهڻو سلوڪ ڪريو. جيڪڏهن انهن مان ڪنهن هڪ تي يا انهن ٻنهي تي تنهن جي زندگيءَ ۾ پيري اچي وڃي تون انهن کي (انهن جي ڪنهن ڳالهہ تي نا پسنديءَ جو اظهار ڪندي) اف بہ نہ چئُ ۽ نہ انهن کي جهڻڪ ۽ انهن سان (هميشه) نرمي سان ڳالهاءِ.

وَاخْفِضْ لَهُمَا جَنَاحَ الذُّلِّ مِنَ الرَّحْمَةِ وَقُلْ
رَّبِّ ارْحَمْهُمَا كَمَا رَبَّيٰنِيْ صَغِيْرًا ﴿۲۵﴾

۲۵. ۽ رحم جي جذبي سان انهن جي سامهون عاجزيءَ وارو رويو اختيار ڪر ۽ (انهن جيلاءِ دعا ڪرڻ وقت) چوندو ڪر (تہ اي) منهنجا رب! انهن تي مهرباني فرماءِ جو جو انهن ننڍپڻ جي حالت ۾ منهن جي پالنا ڪئي هئي.

رَبُّكُمْ أَعْلَمُ بِمَا فِيْ نُفُوْسِكُمْ ۚ إِنْ تَكُوْنُوْا صٰلِحِيْنَ
فَإِنَّهٗ كَانَ لِلْأَوَّابِيْنَ غَفُوْرًا ﴿۲۶﴾

۲۶. توهانجو رب جيڪي ڪجهہ (بہ) توهانجي دلين ۾ آهي انهيءَ کي (سڀ ڪان) بهتر ڄاڻيٿو (۽) جيڪڏهن توهان نيڪ هوندؤ تہ (ياد رکو تہ) اهو بار بار رجوع ڪرڻ وارن کي گهڻو بخشڻ وارو آهي.

وَاٰتِ ذَا الْقُرْبٰى حَقَّهٗ وَالْمِسْكِيْنَ وَابْنَ السَّبِيْلِ
وَلَا تُبَذِّرْ تَبْذِيْرًا ﴿۲۷﴾

۲۷. ۽ ويجهي (مائٽ) کي ۽ مسڪين کي ۽ مسافر کي انهيءَ جو حق ڏيو ۽ اجايوخرچ ڪنهن طرح (بہ) نہ ڪيو.

إِنَّ الْمُبَذِّرِيْنَ كَانُوْٓا إِخْوَانَ الشَّيٰطِيْنِ ۖ وَكَانَ
الشَّيْطٰنُ لِرَبِّهٖ كَفُوْرًا ﴿۲۸﴾

۲۸. اجايو خرچ ڪندڙ يقيناً شيطانن جا ڀائر هوندا آهن ۽ شيطان پنهنجي رب جو گهڻو بي شڪر آهي.

وَإِمَّا تُعْرِضَنَّ عَنْهُمُ ابْتِغَآءَ رَحْمَةٍ مِّنْ رَّبِّكَ
تَرْجُوْهَا فَقُلْ لَّهُمْ قَوْلًا مَّيْسُوْرًا ﴿۲۹﴾

۲۹. ۽ پنهن جي رب جي ڪنهن عظيم الشان رحمت جي حاصل ڪرڻ لاءِ جنهن جي توکي اميد لڳل هجي جيڪڏهين تون انهن (مائٽن) کان منهن موڙين (تہ انهيءَ حالت ۾ منهن موڙڻ جائز آهي پر) تڏهين بہ انهن سان

يَبۡلُغَ اَشُدَّهٗ ۪ وَاَوۡفُوۡا بِالۡعَهۡدِ ۚ اِنَّ الۡعَهۡدَ كَانَ مَسۡـُٔوۡلًا ۝

يتيم جي حق ۾) وڌيڪ سٺو هجي (ڪنهن بئي نموني) يتيم جي مال جي ويجهو نہ وڃو. ايستائين جو اهو پنهن جي مضبوطي جي عمر کي پهچي وڃي ۽ (پنهن جي) واعدي کي پورو ڪيو (چوجو) هر واعدي جي باري ۾ يقينن (هڪ نہ هڪ ڏينهن) جواب طلبي ٿيندي.

وَاَوۡفُوا الۡكَيۡلَ اِذَا كِلۡتُمۡ وَزِنُوۡا بِالۡقِسۡطَاسِ الۡمُسۡتَقِيۡمِ ؕ ذٰلِكَ خَيۡرٌ وَّاَحۡسَنُ تَاۡوِيۡلًا ۝

۳۶۔ ۽ جڏهين توهان (ڪنهن کي ڪجهہ) ماپ ڪري ڏيڻ لڳو تہ ماپ پوري ڏيندا ڪيو ۽ (جڏهين تور ڪري ڏيو تہ بہ) سڌي ساهميءَ سان توري ڏيندا ڪيو. هيءَ ڳالهہ سڀ کان بهتر ۽ پڄاڙيءَ جي لحاظ کان سڀ کان سٺي آهي.

وَلَا تَقۡفُ مَا لَيۡسَ لَكَ بِهٖ عِلۡمٌ ؕ اِنَّ السَّمۡعَ وَالۡبَصَرَ وَالۡفُؤَادَ كُلُّ اُولٰٓئِكَ كَانَ عَنۡهُ مَسۡـُٔوۡلًا ۝

۳۷۔ ۽ (اي مخاطب) جنهن ڳالهہ جو توکي علم نہ هجي انهيءَ جي پيروي نہ ڪندو ڪر (چوجو) ڪن ۽ اک ۽ دل انهن سڀني جي باري ۾ (توکان) پڇيو ويندو.

وَلَا تَمۡشِ فِى الۡاَرۡضِ مَرَحًا ۚ اِنَّكَ لَنۡ تَخۡرِقَ الۡاَرۡضَ وَلَنۡ تَبۡلُغَ الۡجِبَالَ طُوۡلًا ۝

۳۸۔ ۽ زمين تي آڪڙ جي نہ هل، ڇو جو نہ تہ تون اهڙيءَ طرح ملڪ جي حد کي پهچي سگهين ٿو ۽ نہ تون (اهڙيءَ طرح قوم جي) سردارن جي اوچي درجي کي حاصل ڪري سگهين ٿو.

كُلُّ ذٰلِكَ كَانَ سَيِّئُهٗ عِنۡدَ رَبِّكَ مَكۡرُوۡهًا ۝

۳۹۔ انهن (حڪمن) مان هر هڪ (فعل) جي بڇڙي صورت تنهنجي رب جي اڳيان نا پسنديده آهي.

ذٰلِكَ مِمَّاۤ اَوۡحٰۤى اِلَيۡكَ رَبُّكَ مِنَ الۡحِكۡمَةِ ؕ وَلَا تَجۡعَلۡ مَعَ اللّٰهِ اِلٰهًا اٰخَرَ فَتُلۡقٰى فِىۡ جَهَنَّمَ مَلُوۡمًا مَّدۡحُوۡرًا ۝

۴۰۔ هيءَ شاندار (تعليم) انهيءَ (علم ۽) حڪمت جو (هڪ حصو) آهي جيڪو تنهن جي رب وحيءَ جي ذريعي سان تو ڏانهن موڪليو آهي ۽ تون الله سان ڪو ٻيو معبود نہ بناءِ، نہ تہ تون ملامت جو نشان بڻجي

پردو وجهي ڇڏيون ٿا.

وَّجَعَلْنَا عَلٰى قُلُوْبِهِمْ اَكِنَّةً اَنْ يَّفْقَهُوْهُ وَفِيْٓ اٰذَانِهِمْ وَقْرًا ۭ وَاِذَا ذَكَرْتَ رَبَّكَ فِي الْقُرْاٰنِ وَحْدَهٗ وَلَّوْا عَلٰٓي اَدْبَارِهِمْ نُفُوْرًا ۝٤٧

٤٧. ۽ اسان انهن جي دلين تي ڳِهٽا پردا وجهي ڇڏيون ٿا انهيءَ لاءِ تہ اهي انهيءَ (سچائي) کي سمجهي نہ سگهن ۽ انهن جي ڪَنن ۾ ٻوڙاڻ (پيدا ڪري ڇڏي) آهي ۽ جڏهن تون قرآن ۾ پنهن جي رب کي جو هڪ ئي آهي ياد ڪرينئو تہ اهي نفرت سان پنهنجي پٺي ڦيرائي هليا وڃن ٿا.

نَحْنُ اَعْلَمُ بِمَا يَسْتَمِعُوْنَ بِهٖٓ اِذْ يَسْتَمِعُوْنَ اِلَيْكَ وَاِذْ هُمْ نَجْوٰٓى اِذْ يَقُوْلُ الظّٰلِمُوْنَ اِنْ تَتَّبِعُوْنَ اِلَّا رَجُلًا مَّسْحُوْرًا ۝٤٨

٤٨. (۽) جڏهن اهي (ظاهر ۾) تنهنجون ڳالهيون ٻڌندا آهن تہ جنهن مقصد هيٺ اهي تنهن جون ڳالهيون ٻڌندا آهن اسان انهيءَ جي حقيقت کي چڱيءَ طرح ڄاڻون ٿا ۽ (پڻ) جڏهن اهي ڳُجهي ڪَن جون ڳالهيون ڪندا رهندا آهن (انهيءَ جو بہ اسانکي علم هوندو آهي ۽) جڏهن اهي ظالم (هڪ ٻئي کي) چوندا رهندا آهن (تہ) توهان فريب خورده شخص ئي جي پيروي ڪري رهيا آهيو (تہ انهيءَ وقت بہ اسان ٻڌي رهيا هوندا آهيون).

اُنْظُرْ كَيْفَ ضَرَبُوْا لَكَ الْاَمْثَالَ فَضَلُّوْا فَلَا يَسْتَطِيْعُوْنَ سَبِيْلًا ۝٤٩

٤٩. ڏس انهن تنهن جي باري ۾ ڪهڙيءَ طرح ڳالهيون ناهيون آهن جنهن جي نتيجي ۾ اهي گمراهہ ٿي ويا آهن ۽ (هاڻي) اهي (هدايت جي حاصل ڪرڻ لاءِ) ڪا بہ راهہ نٿا لهي سگهن.

وَقَالُوْٓا ءَاِذَا كُنَّا عِظَامًا وَّرُفَاتًا ءَاِنَّا لَمَبْعُوْثُوْنَ خَلْقًا جَدِيْدًا ۝٥٠

٥٠. ۽ انهن (هيءُ بہ) چيو آهي (ڇا) جڏهن اسان (مري) هڏا ٿي ويندا سين ۽ ڪجهہ عرصي ڪانپوءِ ڳري هڏن جو (بہ) چورو بنجي ويندا سين (تہ اسانکي ٻيهر زنده ڪيو ويندو ۽) ڇا واقعي اسانکي هڪ نئين مخلوق جي صورت ۾ اٿاريو ويندو؟

قُلْ كُونُوا حِجَارَةً اَوْ حَدِيدًا ﴿٥١﴾

٥١- تون (انهن کي) چؤ (تہ) توهان (خواهہ) پٿر بنجي وڃو يا لوهہ.

اَوْ خَلْقًا مِّمَّا يَكْبُرُ فِي صُدُورِكُمْ ۚ فَسَيَقُولُونَ مَنْ يُّعِيدُنَا ۗ قُلِ الَّذِي فَطَرَكُمْ اَوَّلَ مَرَّةٍ ۚ فَسَيُنْغِضُونَ اِلَيْكَ رُءُوسَهُمْ وَيَقُولُونَ مَتٰى هُوَ ۗ قُلْ عَسٰى اَنْ يَّكُونَ قَرِيبًا ﴿٥٢﴾

٥٢- ڪابہ اهڙي مخلوق جيڪا توهانجي دلين ۾ انهن کان بہ سخت نظر ايندي هجي (تڏهين بہ توهانکي ٻيهر زندهہ ڪيو ويندو) (اهو ٻڌي) اهي ضرور چوندا (تہ) ڪير اسانکي ٻيهر زندهہ ڪري (وجود ۾) آڻيندو. تون (انهن کي) چؤ (تہ) اهوئي (خدا) جنهن توهانکي پهريون ڀيرو پيدا ڪيو هو انهيءَ تي اهي ضرور اچرج ۾ توهانڏانهن (ڏسندي) مٿو لوڏيندا ۽ چوندا (تہ) هي (زندهہ ڪرڻ وارو معاملو) ڪڏهين ٿيندو؟ (جڏهين اهي ائين چون تہ) تون (انهن کي) چؤ (تہ) بلڪل ممڪن آهي تہ اهو (وقت هينئر) ويجهو (اچي چڪو) هجي.

يَوْمَ يَدْعُوكُمْ فَتَسْتَجِيبُونَ بِحَمْدِهٖ وَتَظُنُّونَ اِنْ لَّبِثْتُمْ اِلَّا قَلِيلًا ﴿٥٣﴾ ع ٥

٥٣- (هيءَ واعدو انهيءَ ڏينهن پورو ٿيندو) جنهن ڏينهن اهو توهانکي سڏيندو تہ توهان انهيءَ جي تعريف ڪندي انهيءَ جو حڪم مڃيندا (۽ هڪدم حاضر ٿي ويندؤ) ۽ توهان سمجهي رهيا هوندا تہ توهان (دنيا ۾) ٿورڙوئي ترسيا هئا.

وَقُلْ لِّعِبَادِي يَقُولُوا الَّتِي هِيَ اَحْسَنُ ۗ اِنَّ الشَّيْطٰنَ يَنْزَغُ بَيْنَهُمْ ۗ اِنَّ الشَّيْطٰنَ كَانَ لِلْاِنْسَانِ عَدُوًّا مُّبِينًا ﴿٥٤﴾

٥٤- ۽ تون منهن جي ٻانهن کي چؤ (تہ) اها ڳالهہ ڪندا ڪن جيڪا (سڀ کان) وڌيڪ سٺي هجي (ڇو جو) شيطان يقينن انهن جي وچ ۾ فساد وجهندو رهيٿو. شيطان انسان جو ظاهر (ظهور) دشمن آهي.

رَبُّكُمْ اَعْلَمُ بِكُمْ ۗ اِنْ يَّشَاْ يَرْحَمْكُمْ اَوْ اِنْ يَّشَاْ يُعَذِّبْكُمْ ۗ وَمَا اَرْسَلْنٰكَ عَلَيْهِمْ وَكِيلًا ﴿٥٥﴾

٥٥- توهانجو رب توهانکي (سڀني کان) وڌيڪ ڄاڻيٿو جيڪڏهن اهو چاهيندو تہ توهانتي رحم ڪندو ۽ جيڪڏهن اهو چاهيندو تہ توهانکي عذاب ڏيندو ۽ (اي رسول!)

وَاِذَا مَسَّكُمُ الضُّرُّ فِي الْبَحْرِ ضَلَّ مَنْ تَدْعُوْنَ اِلَّآ اِيَّاهُ ۚ فَلَمَّا نَجّٰىكُمْ اِلَى الْبَرِّ اَعْرَضْتُمْ ۭ وَكَانَ الْاِنْسَانُ كَفُوْرًا ۝٦٨

٦٨- ۽ جڏهن سمنڊ ۾ (سيلاب پيدا ٿيڻ سببان) توهانکي تڪليف پهچي ٿي تہ انهيءَ کانسواءِ (ٻيا وجود) جنکي توهان پڪاريو ٿا (توهانجي ذهن مان) غائب ٿي وڃن ٿا پوءِ جڏهن اهو توهانکي بچائي خشڪيءَ تي آڻيٿو تہ توهان (انهيءَ جي طرف کان) منهن موڙيو ٿا ۽ انسان ڏاڍو بي شڪر آهي.

اَفَاَمِنْتُمْ اَنْ يَّخْسِفَ بِكُمْ جَانِبَ الْبَرِّ اَوْ يُرْسِلَ عَلَيْكُمْ حَاصِبًا ثُمَّ لَا تَجِدُوْا لَكُمْ وَكِيْلًا ۝٦٩

٦٩- ڇا پوءِ توهان (اهو سمجهو ٿا تہ توهان) انهيءَ ڳالهہ کان بلڪل امن ۾ آهيو تہ اهو (يا تہ) توهانکي خشڪي جي ڪناري تي (زمين ۾) ٻيهاري ڇڏي يا توهانتي پٿر نازل ڪري ۽ پوءِ توهان پنهنجو ڪو ڪارساز (۽ چاره گر نہ)لهو.

اَمْ اَمِنْتُمْ اَنْ يُّعِيْدَكُمْ فِيْهِ تَارَةً اُخْرٰى فَيُرْسِلَ عَلَيْكُمْ قَاصِفًا مِّنَ الرِّيْحِ فَيُغْرِقَكُمْ بِمَا كَفَرْتُمْ ۙ ثُمَّ لَا تَجِدُوْا لَكُمْ عَلَيْنَا بِهٖ تَبِيْعًا ۝٧٠

٧٠- يا توهان انهيءَ ڳالهہ کان بي ڊپا آهيو تہ توهانکي (وري) ٻيو دفعو انهيءَ (سمنڊ) ۾ موٽائي آڻي ۽ توهانتي هڪ تيز هوا ڇڏي ڏيئي ۽ توهانجي ڪفر جي سببان توهانکي غرق ڪري ڇڏي (۽) وري انهيءَ (عذاب) ۾ توهان اسانجي خلاف پنهنجو ڪوبہ مددگار نہ لهو.

وَلَقَدْ كَرَّمْنَا بَنِيْٓ اٰدَمَ وَحَمَلْنٰهُمْ فِي الْبَرِّ وَالْبَحْرِ وَرَزَقْنٰهُمْ مِّنَ الطَّيِّبٰتِ وَفَضَّلْنٰهُمْ عَلٰي كَثِيْرٍ مِّمَّنْ خَلَقْنَا تَفْضِيْلًا ۝٧١ ع

٧١- ۽ اسان بني آدم کي (ڏاڍو) شرف بخشيو آهي ۽ انهن لاءِ خشڪي ۽ پاڻي ۾ سواريءَ جو سامان پيدا ڪيو آهي ۽ انهن کي پاڪ شين مان رزق ڏنو آهي ۽ جيڪا مخلوق اسان پيدا ڪئي آهي انهيءَ مان هڪ وڏي حصي تي اسان انهن کي وڏي فضيلت ڏني آهي.

يَوْمَ نَدْعُوْا كُلَّ اُنَاسٍۢ بِاِمَامِهِمْ ۚ فَمَنْ اُوْتِيَ كِتٰبَهٗ بِيَمِيْنِهٖ فَاُولٰۗىِٕكَ يَقْرَءُوْنَ كِتٰبَهُمْ وَلَا يُظْلَمُوْنَ فَتِيْلًا ۝٧٢

٧٢- ۽ (انهيءَ ڏينهن کي بہ ياد ڪر) جنهن ڏينهن اسان هر هڪ ٽولي کي انهيءَ جي پيشوا سميت سڏائينداسين پوءِ جن جي ساڄي

مِنْهَا وَاِذًا لَّا يَلْبَثُوْنَ خِلٰفَكَ اِلَّا قَلِيْلًا ﴿٧٧﴾

مختلف حيلا ڪندا رهن ٿا انهيءَ لاءِ تہ توکي ڏيجاري ملڪ کان ٻاهر ڪڍي ڇڏين پر (ائين ٿيو تہ) اهي (خودبہ) توکانپوءِ ٿورو عرصوئي (محفوظ) رهندا (۽ جلد تباهہ ٿي ويندا).

سُنَّةَ مَنْ قَدْ اَرْسَلْنَا قَبْلَكَ مِنْ رُّسُلِنَا وَلَا تَجِدُ لِسُنَّتِنَا تَحْوِيْلًا ﴿٧٨﴾ ع ٨

٧٨۔ هي سلوڪ اسانجي انهيءَ سلوڪ جي مطابق هوندو جيڪو اسان توکان پهرين (گذريل) پنهن جي رسولن (جي قومن) سان ڪيو هو ۽ تون اسانجي عمل جي طريقي ۾ ڪوبہ فرق نہ لهندين.

اَقِمِ الصَّلٰوةَ لِدُلُوْكِ الشَّمْسِ اِلٰى غَسَقِ الَّيْلِ وَ قُرْاٰنَ الْفَجْرِ اِنَّ قُرْاٰنَ الْفَجْرِ كَانَ مَشْهُوْدًا ﴿٧٩﴾

٧٩۔ تون سج جي لهڻ (جي وقت) کانوٺي رات جي چڱي ريت اونداهي ٿي وڃڻ (جي وقت) تائين (مختلف گهڙين ۾) نماز کي سهڻي نموني ادا ڪندو ڪر ۽ صبح جي وقت (قرآن) جي پڙهڻ کي بہ (لازم سمجهہ) صبح جي وقت (قرآن) جو پڙهڻ يقينن (الله جي حضور ۾ هڪ) مقبول عمل آهي.

وَمِنَ الَّيْلِ فَتَهَجَّدْ بِهٖ نَافِلَةً لَّكَ عَسٰٓى اَنْ يَّبْعَثَكَ رَبُّكَ مَقَامًا مَّحْمُوْدًا ﴿٨٠﴾

٨٠۔ ۽ رات جو بہ تون هن (قرآن) جي ذريعي ڪجهہ سمهڻ کانپوءِ جاڳندو ڪر.جيڪو توتي هڪ وڌيڪ انعام آهي (اهڙي طرح سان) بلڪل اوڏو آهي جو تنهن جو رب توکي حمد واري مقام تي کڙو ڪري.

وَقُلْ رَّبِّ اَدْخِلْنِيْ مُدْخَلَ صِدْقٍ وَّاَخْرِجْنِيْ مُخْرَجَ صِدْقٍ وَّاجْعَلْ لِّيْ مِنْ لَّدُنْكَ سُلْطٰنًا نَّصِيْرًا ﴿٨١﴾

٨١۔ ۽ چئو(تہ) اي منهنجا رب! مونکي چڱي طريقي تي (ہيھر مڪي ۾) داخل ڪر ۽ نيڪ ذڪر ڇڏڻ واري طريقي تي (مڪي مان) ڪڍ ۽ پاڻ وٽان منهنجو ڪو مددگار (۽) شاهد مقرر ڪر.

وَقُلْ جَآءَ الْحَقُّ وَزَهَقَ الْبَاطِلُ اِنَّ الْبَاطِلَ كَانَ زَهُوْقًا ﴿٨٢﴾

٨٢۔ ۽ سيني ماڻهن کي چئو (تہ بس هاڻي) حق اچي ويو آهي ۽ باطل ڀڄي ويو آهي ۽ باطل تہ آهي ئي ڀڄي وڃڻ وارو.

وَنُنَزِّلُ مِنَ الْقُرْاٰنِ مَا هُوَ شِفَآءٌ وَّرَحْمَةٌ
لِّلْمُؤْمِنِيْنَ ۙ وَلَا يَزِيْدُ الظّٰلِمِيْنَ اِلَّا خَسَارًا ﴿۸۳﴾

۸۳. ۽ اسان قرآن مان آهستي آهستي اها (تعليم) لاهي رهيا آهيون جيڪا مومنن لاءِ (تہ) شفا ۽ رحمت (جو سبب) آهي ۽ ظالمن کي صرف نقصان ۾ وڌائي ٿي.

وَاِذَآ اَنْعَمْنَا عَلَى الْاِنْسَانِ اَعْرَضَ وَنَاٰ بِجَانِبِهٖ ۚ وَاِذَا
مَسَّهُ الشَّرُّ كَانَ يَـُٔوْسًا ﴿۸۴﴾

۸۴. ۽ جڏهن اسان انسان تي انعام ڪيون ٿا تہ اهو منهن موڙي ٿو وڃي ۽ پنهنجي پاسي کي (انهيءَ ڪان) پري ڪري ٿو ڇڏي جڏهن انهيءَ کي تڪليف پهچي ٿي تہ اهو ڏاڍو مايوس ٿي وڃي ٿو.

قُلْ كُلٌّ يَّعْمَلُ عَلٰى شَاكِلَتِهٖ ۗ فَرَبُّكُمْ اَعْلَمُ بِمَنْ هُوَ
اَهْدٰى سَبِيْلًا ﴿۸۵﴾ ع

۸۵. تون (انهن کي) چؤ (تہ اسان مان) هر هڪ (ذر) پنهنجي (پنهن جي) طريقي تي عمل ڪري رهي آهي پوءِ (پنهنجي رب تي ئي فيصلو ڇڏي ڏيو ڇو جو) توهانجو رب انهيءَ کي جيڪو صحيح رستي تي آهي بهتر جاڻي ٿو (انهيءَ ڪري انهي جو فيصلو سچي جي سچائيءَ کي ضرور روشن ڪندو).

وَيَسْـَٔلُوْنَكَ عَنِ الرُّوْحِ ۗ قُلِ الرُّوْحُ مِنْ اَمْرِ رَبِّيْ
وَمَآ اُوْتِيْتُمْ مِّنَ الْعِلْمِ اِلَّا قَلِيْلًا ﴿۸۶﴾

۸۶. ۽ اهي توکان روح جي متعلق سوال ڪن ٿا تون (انهن کي) چؤ (تہ) روح منهن جي رب جي حڪم سان (پيدا ٿيو) آهي ۽ توهانکي (انهيءَ جي باري ۾) علم مان گهڻ (حصو) ڏنو ويو آهي.

وَلَئِنْ شِئْنَا لَنَذْهَبَنَّ بِالَّذِيْٓ اَوْحَيْنَآ اِلَيْكَ ثُمَّ
لَا تَجِدُ لَكَ بِهٖ عَلَيْنَا وَكِيْلًا ﴿۸۷﴾

۸۷. ۽ جيڪڏهن اسان چاهيون تہ يقين جيڪو (ڪلام الاهي) اسين توتي وحي (جي ذريعي نازل) ڪيو آهي اهو (دنيا مان) ڪڻي وٺون. پوءِ تون انهيءَ امر ۾ پنهنجي لاءِ اسانجي خلاف ڪو ڪارساز نہ لهي سگهندين.

اِلَّا رَحْمَةً مِّنْ رَّبِّكَ ۗ اِنَّ فَضْلَهٗ كَانَ عَلَيْكَ كَبِيْرًا ﴿۸۸﴾

۸۸. سواءِ انهيءَ جي جو پنهنجي رب جي (خاص) رحمت ٿئي (جيڪا انهيءَ کي واپس آڻي پر هيءَ قرآن منجي نٿو سگهجي ڇو

جو) توتي تنهنجي رب جو يقينن (تمام) وڏو فضل آهي.

قُلْ لَّىِٕنِ اجْتَمَعَتِ الْاِنْسُ وَالْجِنُّ عَلٰٓى اَنْ يَّاْتُوْا بِمِثْلِ هٰذَا الْقُرْاٰنِ لَا يَاْتُوْنَ بِمِثْلِهٖ وَلَوْ كَانَ بَعْضُهُمْ لِبَعْضٍ ظَهِيْرًا ﴿٨٩﴾

٨٩- تون (انهن کي) چئو (تہ) جيڪڏهن سيئي انسان (بہ) ۽ جن (بہ) هن قرآن جو مثال آڻڻ جيلاءِ گڏ ٿي وڃن تہ (پوءِ بہ) اهي هن جو مثال نہ آڻي سگهندا توڙي اهي هڪ ٻئي جا مددگار (ائي ڇونہ) بنجي وڃن.

وَلَقَدْ صَرَّفْنَا لِلنَّاسِ فِيْ هٰذَا الْقُرْاٰنِ مِنْ كُلِّ مَثَلٍ ۡ فَاَبٰٓى اَكْثَرُ النَّاسِ اِلَّا كُفُوْرًا ﴿٩٠﴾

٩٠- ۽ اسان هن قرآن ۾ يقينن هر هڪ (ضروري) ڳالهہ کي مختلف نمونن ۾ بيان ڪيو آهي. پوءِ (بہ) اڪثر ماڻهن (انهيءَ جي باري ۾) ڪفر (جي راهہ اختيار ڪرڻ) کانسواءِ هر ڳالهہ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي.

وَقَالُوْا لَنْ نُّؤْمِنَ لَكَ حَتّٰى تَفْجُرَ لَنَا مِنَ الْاَرْضِ يَنْۢبُوْعًا ﴿٩١﴾

٩١- ۽ انهن (هيءَ بہ) چيو آهي (تہ) اسان هرگز تنهن جي(ڪابہ) ڳالهہ نہ مڃينداسين جيستائين (ائين نہ ٿئي جو) تون اسانجي لاءِ زمين مان ڪو چشمو جاري ڪرين.

اَوْ تَكُوْنَ لَكَ جَنَّةٌ مِّنْ نَّخِيْلٍ وَّعِنَبٍ فَتُفَجِّرَ الْاَنْهٰرَ خِلٰلَهَا تَفْجِيْرًا ﴿٩٢﴾

٩٢- يا تنهنجو کجين يا انگورن جو ڪو باغ هجي ۽ تون انهيءَ ۾ چڱي ريت (ڪثرت سان) نهرون جاري ڪرين.

اَوْ تُسْقِطَ السَّمَآءَ كَمَا زَعَمْتَ عَلَيْنَا كِسَفًا اَوْ تَاْتِيَ بِاللّٰهِ وَالْمَلٰٓىِٕكَةِ قَبِيْلًا ﴿٩٣﴾

٩٣- يا جيئن تہ تنهنجي دعويٰ آهي تون اسانتي آسمان جا ٽڪرا ڪيرائين يا الله ۽ فرشتن کي (اسانجي) آمهون سامهون آڻي بيهارين.

اَوْ يَكُوْنَ لَكَ بَيْتٌ مِّنْ زُخْرُفٍ اَوْ تَرْقٰى فِي السَّمَآءِ ۭ وَلَنْ نُّؤْمِنَ لِرُقِيِّكَ حَتّٰى تُنَزِّلَ عَلَيْنَا كِتٰبًا نَّقْرَؤُهٗ ۭ قُلْ سُبْحَانَ رَبِّيْ هَلْ كُنْتُ اِلَّا بَشَرًا رَّسُوْلًا ﴿٩٤﴾ ع

٩٤- يا تنهن جو ڪو سون جو گهر هجي يا تون آسمان تي چڙهي وڃين ۽ اسان تنهنجي (آسمان تي) چڙهي وڃڻ سان بہ ايمان نہ آڻينداسين جيستائين جو تون (مٿي وڃي) اسانتي ڪو ڪتاب (نہ) لاهين جنهنکي

اسان (خود) پڑھون. تون (انهن کي) چؤ (تہ) منهنجو رب (اهڙين بيهودين ڳالهين کي اختيار ڪرڻ کان) پاڪ آهي. مان (تہ) صرف بشر رسول آهيان (آسمان تي نٿو وڃي سگهان).

وَمَا مَنَعَ النَّاسَ اَنۡ يُّؤۡمِنُوۡۤا اِذۡ جَآءَهُمُ الۡهُدٰۤى اِلَّاۤ اَنۡ قَالُوۡۤا اَبَعَثَ اللّٰهُ بَشَرًا رَّسُوۡلًا ﴿٩٥﴾

٩٥- ۽ انهن ماڻهن کي هن هدايت تي جيڪا انهن وٽ آئي آهي ايمان آڻڻ کان صرف انهي ڳالهہ روڪيو آهي جو انهن (پنهن جي دل ۾) چيو (تہ) ڇا الله هڪ بشر کي رسول بنائي موڪليو آهي.

قُلۡ لَّوۡ كَانَ فِى الۡاَرۡضِ مَلٰٓـئِكَةٌ يَّمۡشُوۡنَ مُطۡمَئِنِّيۡنَ لَنَزَّلۡنَا عَلَيۡهِمۡ مِّنَ السَّمَآءِ مَلَـكًا رَّسُوۡلًا ﴿٩٦﴾

٩٦- تون (انهن کي) چؤ (تہ) جيڪڏهين زمين تي فرشتا (رهندا) هجن ها جيڪي زمين تي اطمينان سان گهمن ڦرن ها تہ (انهيءَ صورت ۾) اسان ضرور آسمان مان ڪنهن فرشتي کي (ئي) رسول بنائي موڪليون ها.

قُلۡ كَفٰى بِاللّٰهِ شَهِيۡدًاۢ بَيۡنِىۡ وَبَيۡنَكُمۡ‌ؕ اِنَّهٗ كَانَ بِعِبَادِهٖ خَبِيۡرًاۢ بَصِيۡرًا ﴿٩٧﴾

٩٧- تون (انهن کي) چؤ (تہ) منهن جي وچہ ۽ توهانجي وچہ شاهد طور الله ئي ڪافي آهي. اهو پنهن جن ٻانهن کي ڄاڻڻ وارو (۽) ڏسڻ وارو آهي.

وَمَنۡ يَّهۡدِ اللّٰهُ فَهُوَ الۡمُهۡتَدِ‌ۚ وَمَنۡ يُّضۡلِلۡ فَلَنۡ تَجِدَ لَهُمۡ اَوۡلِيَآءَ مِنۡ دُوۡنِهٖ‌ؕ وَنَحۡشُرُهُمۡ يَوۡمَ الۡقِيٰمَةِ عَلٰى وُجُوۡهِهِمۡ عُمۡيًا وَّبُكۡمًا وَّصُمًّا‌ؕ مَاۡوٰٮهُمۡ جَهَنَّمُ‌ؕ كُلَّمَا خَبَتۡ زِدۡنٰهُمۡ سَعِيۡرًا ﴿٩٨﴾

٩٨- ۽ جنهن کي الله هدايت ڏيئي اهوئي هدايت تي هوندو آهي ۽ جنهن کي اهو گمراهہ ڪري تہ تون انهيءَ جي (يعني الله جي) مقابلي ۾ انهيءَ جو ڪوبہ مددگار نہ لهندين ۽ قيامت جي ڏينهن اسان انهن کي انهن جي مقصد (۽ نيت جي) مطابق انڌن ۽ گونگن ۽ ٻوڙن هئڻ جي حالت ۾ گڏ ڪنداسين. انهن جو ٺڪاڻو جهنم هوندو. جڏهين بہ اهو (جهنم ٺورو) ٺڏو ٿيندو تہ انهن تي عذاب کي سخت ڪيو ويندو جيڪو (عذاب) پڙڪندڙ باهہ جو هوندو.

ذٰلِكَ جَزَآؤُهُمْ بِاَنَّهُمْ كَفَرُوْا بِاٰيٰتِنَا وَقَالُوْٓا ءَاِذَا كُنَّا عِظَامًا وَّرُفَاتًا ءَاِنَّا لَمَبْعُوْثُوْنَ خَلْقًا جَدِيْدًا ٩٩

٩٩۔ اها (باھہ) انھن (اُني جي عملن) جي جزا ھوندي - ڇو جو انھن اسانجي نشانن جو انڪار ڪيو ۽ چيائون تہ ڇا جڏھين اسان (مري) ھڏا ۽ چورو چورو ٿي ويندا سين (تہ اسانکي نئين سر زندھہ ڪيو ويندو ۽) ڇا واقعي اسانکي ھڪ نئين مخلوق جي صورت ۾ اٿاريو ويندو.

اَوَلَمْ يَرَوْا اَنَّ اللّٰهَ الَّذِيْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ قَادِرٌ عَلٰٓى اَنْ يَّخْلُقَ مِثْلَهُمْ وَجَعَلَ لَهُمْ اَجَلًا لَّا رَيْبَ فِيْهِ ۚ فَاَبَى الظّٰلِمُوْنَ اِلَّا كُفُوْرًا ١٠٠

١٠٠۔ ڇا اھي (اجا تائين) سمجھي نہ سگھيا تہ اھا (ھستي) جنھن آسمانن ۽ زمين کي پيدا ڪيو آھي انھيءَ ڳالھہ تي بہ قادر آھي جو اھا انھن جھڙا (ٻيا ماڻھو) پيدا ڪري ۽ انھي ۾ ڪوبہ شڪ نہ آھي تہ انھيءَ انھن لاءِ ھڪ مدو مقرر ڪري ڇڏيو آھي. پوءِ (بہ) انھن ظالمن صرف بي فڪريءَ جي راھہ اختيار ڪئي آھي.

قُلْ لَّوْ اَنْتُمْ تَمْلِكُوْنَ خَزَآئِنَ رَحْمَةِ رَبِّيْٓ اِذًا لَّاَمْسَكْتُمْ خَشْيَةَ الْاِنْفَاقِ ۭ وَكَانَ الْاِنْسَانُ قَتُوْرًا ١٠١ ع

١٠١۔ تون (انھن کي) چئُ (تہ) جيڪڏھن توھان منھن جي رب جي رحمت جي (بي انتھا) خزانن جا (بہ) مالڪ ھجو ھا تڏھين (بہ) توھان (انھن جي) خرچ ٿي وڃڻ جي ڊپ کان (انھن کي) روڪي رکوھا ۽ انسان تمام وڏو ڪنجوس آھي.

وَلَقَدْ اٰتَيْنَا مُوْسٰى تِسْعَ اٰيٰتٍۢ بَيِّنٰتٍ فَسْــَٔلْ بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ اِذْ جَآءَهُمْ فَقَالَ لَهٗ فِرْعَوْنُ اِنِّيْ لَاَظُنُّكَ يٰمُوْسٰي مَسْحُوْرًا ١٠٢

١٠٢۔ ۽ اسان موسيٰ کي نو روشن نشان ڏنا ھئا سو تون بني اسرائيل کان (انھن حالتن جو) پڇ جڏھين اھو (موسيٰ) انھن (اھل مصر) ڏانھن آيو ھو تہ فرعون انھيءَ کي چيو ھو (تہ) اي موسيٰ! مان يقينن توکي دوکي ھيٺ آيل سمجھانٿو.

قَالَ لَقَدْ عَلِمْتَ مَآ اَنْزَلَ هٰٓؤُلَاۗءِ اِلَّا رَبُّ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ بَصَاۗئِرَ ۚ وَاِنِّىْ لَاَظُنُّكَ يٰفِرْعَوْنُ مَثْبُوْرًا ١٠٣

١٠٣۔ انھيءَ جواب ڏنو (تہ) توکي يقينن علم ٿي چڪو آھي تہ انھن (نشانن) کي صرف آسمانن ۽ زمين جي رب بصيرت بخشڻ

وارو بنائي لاٿو آهي ۽ اي فرعون! مان تنهن جي نسبت يقين رکانٿو تہ تون (پنهن جن بد ارادن ۾) ناڪام ۽ نامراد ٿيندين.

فَاَرَادَ اَنْ يَّسْتَفِزَّهُمْ مِّنَ الْاَرْضِ فَاَغْرَقْنٰهُ وَمَنْ مَّعَهٗ جَمِيْعًا ۙ﴿١٠٣﴾

١٠٣- انهيءَ تي انهي انهن کي (يعني موسي ۽ انهيءَ جي قوم کي) ملڪ مان ڪيڍي ڇڏڻ جو ارادو ڪيو. انهيءَ جو نتيجو هي ٿيو تہ اسان انهيءَ ۽ جيڪي انهيءَ سان گڏ هئا سڀني کي غرق ڪري ڇڏيو.

وَّقُلْنَا مِنْۢ بَعْدِهٖ لِبَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ اسْكُنُوا الْاَرْضَ فَاِذَا جَآءَ وَعْدُ الْاٰخِرَةِ جِئْنَا بِكُمْ لَفِيْفًا ؕ﴿١٠٤﴾

١٠٤- ۽ انهيءَ جي (ٻڏي مرڻ کان) پوءِ بني اسرائيل کي اسان چيو (تہ) توهان انهي (واعدي ڪيل) ملڪ ۾ (وڃي آرام سان) رهو. پوءِ جڏهين (مسلمانن جيلاءِ) ٻيو دفعو (عذاب) جو واعدو (پوري ٿيڻ جو وقت) ايندو تہ اسان توهان (سڀني) کي گڏ ڪري اتي وٺي ايندا سين.

وَبِالْحَقِّ اَنْزَلْنٰهُ وَبِالْحَقِّ نَزَلَ ؕ وَمَآ اَرْسَلْنٰكَ اِلَّا مُبَشِّرًا وَّنَذِيْرًا ۘ﴿١٠٥﴾

نصف

١٠٥- ۽ هن قرآن کي اسان حق (۽ حڪمت) سان نئي لاٿو آهي ۽ حق (۽ حڪمت) سان نئي هي لٿو آهي ۽ اسان توکي صرف خوشخبري ڏيڻ وارو ۽ (عذاب کان) خبردار ڪرڻ وارو بنائي موڪليو آهي.

وَقُرْاٰنًا فَرَقْنٰهُ لِتَقْرَاَهٗ عَلَى النَّاسِ عَلٰى مُكْثٍ وَّنَزَّلْنٰهُ تَنْزِيْلًا ﴿١٠٦﴾

١٠٦- ۽ اسان (انهيءَ کي) قرآن بنايو آهي ۽ انهيءَ جا ٽڪرا ٽڪرا ڪيا آهن (يعني سورتون بنايون آهن) انهيءَ لاءِ تہ تون انهيءَ کي (سهوليت ۽) آهستگيءَ سان ماڻهن کي پڙهي ٻڌائي سگهين ۽ اسان انهيءَ کي ٿورو ٿورو ڪري نازل ڪيو آهي.

قُلْ اٰمِنُوْا بِهٖٓ اَوْ لَا تُؤْمِنُوْا ؕ اِنَّ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْعِلْمَ مِنْ قَبْلِهٖٓ اِذَا يُتْلٰى عَلَيْهِمْ يَخِرُّوْنَ لِلْاَذْقَانِ سُجَّدًا ۙ﴿١٠٧﴾

١٠٧- تون (انهن کي) چؤ (تہ) توهان انهيءَ تي ايمان آڻيو يا نہ آڻيو. جن ماڻهن کي انهيءَ (جي نازل ٿيڻ) کان پهرين (الهامي صحيفن يا صحيح فطرت جي ذريعي) علم

ڏنو ويو آهي جڏهين انهن جي اڳيان (انهيء کي) پڙهيو وڃي ٿو تہ اهي (هنکي ٻڌي) ڪامل فرمانبرداري ڪندي نراڙ پر ڪري ٿا پون.

وَيَقُولُونَ سُبْحٰنَ رَبِّنَآ اِنْ كَانَ وَعْدُ رَبِّنَا لَمَفْعُولًا ۝١٠٩

۱۰۹- ۽ چون ٿا (تہ) اسانجو رب (هر هڪ عيب کان) پاڪ آهي ۽ (اهو بہ تہ) اسانجي رب جو واعدو ضرور پورو ٿي رهڻو آهي.

وَيَخِرُّونَ لِلْاَذْقَانِ يَبْكُونَ وَيَزِيدُهُمْ خُشُوعًا ۝١١٠

۱۱۰- ۽ جڏهين اهي نراڙ پر ڪرندا آهن تہ روئندا رهندا آهن ۽ اهو (قرآن) انهن جي عاجزي کي (اڃا بہ) وڌائيندو.

قُلِ ادْعُوا اللّٰهَ اَوِ ادْعُوا الرَّحْمٰنَ اَيًّا مَّا تَدْعُوا فَلَهُ الْاَسْمَآءُ الْحُسْنٰى وَلَا تَجْهَرْ بِصَلَاتِكَ وَلَا تُخَافِتْ بِهَا وَابْتَغِ بَيْنَ ذٰلِكَ سَبِيلًا ۝١١١

۱۱۱- تون (انهن کي) چؤ (تہ) خواهہ توهان (خدا کي) الله (چئي) پڪاريو يا رحمان (چئي) جيڪو (نالو وٺي) بہ توهان (انهيء کي) پڪاريو. پڪاري سگهو ٿا ڇو جو سڀئي (بهتر کان بهتر) صفتون انهيء جون آهن ۽ تون پنهنجا دعا جا لفظ اوچي آواز سان نہ چوندو ڪر ۽ نہ انهن کي(تمام) آهستي چوندو ڪر پر انهيء جي وچ (واري) ڪا راهہ اختيار (ڪندو) ڪر.

وَقُلِ الْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِي لَمْ يَتَّخِذْ وَلَدًا وَّلَمْ يَكُنْ لَّهُ شَرِيكٌ فِي الْمُلْكِ وَلَمْ يَكُنْ لَّهُ وَلِيٌّ مِّنَ الذُّلِّ وَكَبِّرْهُ تَكْبِيرًا ۝١١٢

۱۱۲- ۽ (سڄي دنيا کي وري وري ٻڌائي) چؤ (تہ) هر تعريف جو مستحق الله ئي آهي جنهنکي نہ تہ اولاد آهي ۽ نہ حڪومت ۾ انجو ڪو شريڪ آهي ۽ نہ انهيء کي عاجز سمجهي ڪو (ٻيو انهيء تي رحم ڪري) انجو دوست بنجي ٿو (پر جيڪو بہ انجو دوست هوندو آهي انهيء کان مدد وٺڻ لاء هوندو آهي) ۽ انهيء جي تمام (چڱي طرح) وڏائي بيان ڪر.

سُوْرَةُ الْكَهْفِ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ مَعَ الْبَسْمَلَةِ مِائَةٌ وَّ اِحْدٰى عَشْرَةَ اٰيَةً وَّ اثْنَاعَشَرَ رُكُوْعًا

سورت كهف - هيءَ سورت مكي آهي. ۽ بسم الله سميت هن جون هڪ سو يارنهن آيتون ۽ ٻارنهن ركوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ①

١- (مان) الله جو نالو وٺي جيڪو بيحد ڪرم ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي (پڙهائڻو)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْٓ اَنْزَلَ عَلٰى عَبْدِهِ الْكِتٰبَ وَلَمْ يَجْعَلْ لَّهٗ عِوَجًا ②

٢- هر تعريف جو الله ئي مستحق آهي جنهن (هيءُ) ڪتاب پنهن جي ٻانهي تي لاٿو آهي ۽ هن ۾ ڪوبہ ڏنگ نہ رکيائين.

قَيِّمًا لِّيُنْذِرَ بَاْسًا شَدِيْدًا مِّنْ لَّدُنْهُ وَ يُبَشِّرَ الْمُؤْمِنِيْنَ الَّذِيْنَ يَعْمَلُوْنَ الصّٰلِحٰتِ اَنَّ لَهُمْ اَجْرًا حَسَنًا ③

٣- (۽ انهيءَ هن کي) سچ سان پرپل ۽ صحيح رهنمائي ڪرڻ وارو بنائي لاٿو آهي. انهيءَ لاءِ تہ اهو (ماڻهن کي) انهيءَ جي (يعني الله جي) طرفان (اچڻ واري) هڪ سخت عذاب کان آگاه ڪري ۽ ايمان آڻڻ وارن کي جيڪي نيڪ (۽ ايمان جي مناسب حال) ڪم ڪن ٿا بشارت ڏي تہ انهن لاءِ (خدا جي طرفان) سٺو اجر (مقدر) آهي.

مّٰكِثِيْنَ فِيْهِ اَبَدًا ④

٤- اهي هن (اجر جي مقام) ۾ هميشه رهندا.

وَّيُنْذِرَ الَّذِيْنَ قَالُوا اتَّخَذَ اللّٰهُ وَلَدًا ⑤

٥- ۽ (پڻ انهيءَ انهي ڪري هن کي لاٿو آهي تہ) اهو انهن ماڻهن کي (اچڻ واري عذاب کان) آگاه ڪري جيڪي هيئنئن چون ٿا (تہ) الله (فلاڻي شخص کي) پٽ بنايو آهي.

مَا لَهُمْ بِهٖ مِنْ عِلْمٍ وَّلَا لِاٰبَآئِهِمْ كَبُرَتْ كَلِمَةً تَخْرُجُ مِنْ اَفْوَاهِهِمْ اِنْ يَّقُوْلُوْنَ اِلَّا كَذِبًا ⑥

٦- انهن کي هن باري ۾ ڪو بہ تہ علم (حاصل) نہ آهي نہ انهن جي وڏن کي (هن باري ۾ ڪوبہ علم هو) هيءَ تمام وڏي (خطرناڪ) ڳالهہ آهي جيڪا انهن جي واتان نڪري رهي آهي (پر) اهي نسورو ڪوڙ ڳالهائي رهيا آهن.

فَلَعَلَّكَ بَاخِعٌ نَّفْسَكَ عَلٰٓى اٰثَارِهِمْ اِنْ لَّمْ يُؤْمِنُوْا بِهٰذَا الْحَدِيْثِ اَسَفًا ۝٧

٧. (چا) جيڪڏهن اهي هن عظيم الشان ڪلام تي ايمان نہ آڻين تہ تون انهن جي غم ۾ افسوس جي زيادتي جي سبب ڪان پنهنجي جان کي تباهيءَ ۾ وجهي ڇڏيندين.

اِنَّا جَعَلْنَا مَا عَلَى الْاَرْضِ زِيْنَةً لَّهَا لِنَبْلُوَهُمْ اَيُّهُمْ اَحْسَنُ عَمَلًا ۝٨

٨. جيڪي ڪجهہ (روءِ) زمين تي (موجود) آهي انهيءَ کي يقينن اسان انهيءَ جي زينت جو (سبب) بڻايو آهي انهي لاءِ تہ اسان انهن جو امتحان وٺون (تہ) انهن مان سيني ڪان سٺو ڪم ڪرڻ وارو ڪير آهي.

وَاِنَّا لَجٰعِلُوْنَ مَا عَلَيْهَا صَعِيْدًا جُرُزًا ۝٩

٩. ۽ جيڪي ڪي هن (زمين) تي (موجود) آهي انهيءَ کي اسان يقينن (هڪ ڏينهن) مٽائي ويران سطح بڻائي ڇڏينداسين.

اَمْ حَسِبْتَ اَنَّ اَصْحٰبَ الْكَهْفِ وَالرَّقِيْمِ كَانُوْا مِنْ اٰيٰتِنَا عَجَبًا ۝١٠

١٠. چا تون سمجهين ٿو تہ ڪهف ۽ رقيم وارا (ماڻهو) اسانجي نشانن مان ڪو عجيب (نشان) هئا (جنهن جو مثال ورِي ڪڏهين نہ ملي سگهندو هجي).

اِذْ اَوَى الْفِتْيَةُ اِلَى الْكَهْفِ فَقَالُوْا رَبَّنَآ اٰتِنَا مِنْ لَّدُنْكَ رَحْمَةً وَّهَيِّئْ لَنَا مِنْ اَمْرِنَا رَشَدًا ۝١١

١١. جڏهين اهي (چند) نوجوان وسيع غار ۾ پناهہ گير ٿيا ۽ (دعا ڪندي) انهن چيو (تہ) اي اسانجا رب اسانکي پنهنجي حضور مان (خاص) رحمت عطا ڪر ۽ اسانجي لاءِ اسانجي (هن) معاملي ۾ رشد ۽ هدايت جو سامان مهيا ڪر.

فَضَرَبْنَا عَلٰٓى اٰذَانِهِمْ فِى الْكَهْفِ سِنِيْنَ عَدَدًا ۝١٢

١٢. جنهن تي اسان انهيءَ وسيع غار ۾ چند ڳاڻاٽي جي سالن جيلاءِ انهن کي (ٻاهرين حالتن جي) ٻڌڻ کان محروم ڪري ڇڏيو.

ثُمَّ بَعَثْنٰهُمْ لِنَعْلَمَ اَيُّ الْحِزْبَيْنِ اَحْصٰى لِمَا لَبِثُوْٓا اَمَدًا ۝١٣ ع

١٣. پوءِ اسان انهن کي اٿاريو. انهيءَ لاءِ تہ اسانکي خبر پوي تہ جيتري مدت اهي (اتي) رهيل هئا انهن کي (مسيح جي مڃيندڙ) ٻنهي گروهن مان وڌيڪ محفوظ رکڻ وارو ڪهڙو گروهہ آهي.

نَحْنُ نَقُصُّ عَلَيْكَ نَبَاَهُمْ بِالْحَقِّ ۭ اِنَّهُمْ فِتْيَةٌ
اٰمَنُوْا بِرَبِّهِمْ وَزِدْنٰهُمْ هُدًى ﴿١٤﴾

١٤ـ (هاڻي) اسان انهن جي اهم خبر بلكل صحيح طور تي تو وٽ بيان ڪيونٿا. اهي چند نوجوان هئا جن پنهنجي رب تي (حقيقي) ايمان آندو هو ۽ انهن کي اسان هدايت ۾ (اڃا به) وڌايو هو.

وَّرَبَطْنَا عَلٰي قُلُوْبِهِمْ اِذْ قَامُوْا فَقَالُوْا رَبُّنَا رَبُّ
السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ لَنْ نَّدْعُوَاۡ مِنْ دُوْنِهٖٓ اِلٰـهًا
لَّقَدْ قُلْنَآ اِذًا شَطَطًا ﴿١٥﴾

١٥ـ ۽ جڏهين اهي (پنهنجي وطن مان نڪرڻ جيلاء) اٿيا تہ اسان انهن جي دلين کي مضبوط ڪري ڇڏيو تڏهين انهن (هڪ ٻئي کي) چيو (تہ) اسانجو رب (اهو آهي جيڪو) آسمانن ۽ زمين جو (بہ) رب آهي اسان انهيءَ کانسواءِ ڪنهن ٻئي معبود کي هرگز (ڪڏهين) نہ پڪاريندا سين نہ تہ اسان هڪ حق کان پري ڳالهہ چوڻ وارا ٿيندا سين.

هٰٓؤُلَاۗءِ قَوْمُنَا اتَّخَذُوْا مِنْ دُوْنِهٖٓ اٰلِهَةً ۭ لَوْ لَا
يَاْتُوْنَ عَلَيْهِمْ بِسُلْطٰنٍۢ بَيِّنٍ ۭ فَمَنْ اَظْلَمُ مِمَّنِ
افْتَرٰي عَلَي اللّٰهِ كَذِبًا ﴿١٦﴾

١٦ـ انهن ماڻهن يعني اسانجي قوم انهيءَ معبود برحق کي ڇڏي (پنهن جي لاءِ) ٻيا (معبود) بنايا آهن ـ اهي انهيءَ جي ثبوت ۾ جو ڪو روشن دليل ڇو نٿا آڻين پوءِ (اهي ڇو نٿا سمجهن تہ) جيڪو شخص الله تي ڪوڙ ٻڌي، انهيءَ کان وڌيڪ ظالم (ٻيو) ڪير (ٿي سگهي) ٿو.

وَاِذِ اعْتَزَلْتُمُوْهُمْ وَمَا يَعْبُدُوْنَ اِلَّا اللّٰهَ فَاْوٗٓا
اِلَى الْكَهْفِ يَنْشُرْ لَكُمْ رَبُّكُمْ مِّنْ رَّحْمَتِهٖ وَيُهَيِّئْ
لَكُمْ مِّنْ اَمْرِكُمْ مِّرْفَقًا ﴿١٧﴾

١٧ـ ۽ (هنوقت) جڏهين (جو) توهان انهن کان ۽ (پڻ) الله کانسواءِ جنهن شيءَ کي (بہ) اهي پوڄين ٿا (انهيءَ کان) پاسو ڪري ڇڏيو آهي. تہ (هاڻي) توهان هن ڪشادي پهاڙي پناهہ گاهہ ۾ وڃي رهو (ائين ڪندؤ تہ) توهان جو رب پنهن جي رحمت (جي ڪا راهہ) توهانجي لاءِ کولي ڇڏيندو ۽ توهان جي لاءِ توهان جي هن (معاملي) ۾ ڪو سهوليت جو سامان مهيا ڪندو.

رهيا آهيو انهيءَ کي توهانجو رب ئي بهتر جاڻيندو پوءِ (انهيءَ بحث کي ڇڏي ڏيو ۽) پنهنجا هي پراڻا سڪا ڏيئي پاڻمان ڪنهن هڪ کي انهي شهر ڏانهن موڪليو (هو وڃي) ڏسي تہ انهيءَ (شهر) ۾ ڪنهن جي کاڌ خوراڪ سڀکان سٺي آهي پوءِ (جنهن جي کاڌ خوراڪ سڀني کان سٺي هجي) انهيءَ وٽان ڪجهہ کاڌي جو سامان وٺي اچي ۽ اهو هوشياريءَ سان (ماڻهن تي) راز جون ڳالهيون معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ۽ توهانجي متعلق ڪنهن کي هرگز (ڪوبہ) علم ٿيڻ نہ ڏي.

إِنَّهُمْ إِن يَظْهَرُوا عَلَيْكُمْ يَرْجُمُوكُمْ أَوْ يُعِيدُوكُمْ
فِي مِلَّتِهِمْ وَلَن تُفْلِحُوا إِذًا أَبَدًا ﴿٢١﴾

٢١. جو جو جيڪڏهين انهن توهانتي غلبو حاصل ڪيو تہ يقينن توهانکي سنگسار ڪري ڇڏيندا يا (زبردستيءَ) توهانکي واپس پنهنجي مذهب ۾ داخل ڪري ڇڏيندا ۽ انهيءَ صورت ۾ توهان ڪڏهين (بہ) ڪامياب نہ ٿي سگهندؤ.

وَكَذَٰلِكَ أَعْثَرْنَا عَلَيْهِمْ لِيَعْلَمُوا أَنَّ وَعْدَ اللَّهِ
حَقٌّ وَأَنَّ السَّاعَةَ لَا رَيْبَ فِيهَا إِذْ يَتَنَازَعُونَ
بَيْنَهُمْ أَمْرَهُمْ فَقَالُوا ابْنُوا عَلَيْهِم بُنْيَانًا رَّبُّهُمْ
أَعْلَمُ بِهِمْ قَالَ الَّذِينَ غَلَبُوا عَلَىٰ أَمْرِهِمْ لَنَتَّخِذَنَّ
عَلَيْهِم مَّسْجِدًا ﴿٢٢﴾

٢٢. ۽ اهڙيءَ طرح اسان (ماڻهن کي) انهن (جي حالتن) کان واقف ڪيو آهي انهيءَ لاءِ تہ انهن کي معلوم ٿئي تہ الله جو واعدو پورو ٿي رهيو آهي ۽ (هيءَ بہ) تہ انهيءَ (واعدي ڪيل) گهڙيءَ (جي اچڻ) ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي (۽ انهيءَ وقت کي بہ ياد ڪيو) جڏهين اهي پنهنجي ڪم متعلق پاڻ ۾ گفتگو ڪرڻ لڳا ۽ انهن (هڪ ٻئي کي) چيو (تہ) توهان انهن (جي رهڻ جي جاءِ) تي ڪا عمارت ٺاهيو. انهن جو رب انهن (جي حال) کي سڀني کان بهتر ڄاڻندو هو (آخر) جن پنهن جي قول ۾ غلبو حاصل ڪري ورتو

انهن چيو (تہ) اسان (تہ) انهن (جي رهڻ جي جاءِ) تي مسجد (ني) ناهينداسين.

سَيَقُوْلُوْنَ ثَلٰثَةٌ رَّابِعُهُمْ كَلْبُهُمْ ۚ وَ يَقُوْلُوْنَ
خَمْسَةٌ سَادِسُهُمْ كَلْبُهُمْ رَجْمًاۢ بِالْغَيْبِ ۚ وَ
يَقُوْلُوْنَ سَبْعَةٌ وَّ ثَامِنُهُمْ كَلْبُهُمْ ؕ قُلْ رَّبِّیْۤ اَعْلَمُ
بِعِدَّتِهِمْ مَّا يَعْلَمُهُمْ اِلَّا قَلِيْلٌ ۬ۙ فَلَا تُمَارِ
فِيْهِمْ اِلَّا مِرَآءً ظَاهِرًا ۪ وَّ لَا تَسْتَفْتِ فِيْهِمْ
مِّنْهُمْ اَحَدًا ۧ ﴿٢٣﴾ ع ٣ ٥ ١٥

٢٣- اهي (ماڻهو جيڪي حقيقت حال کان بي خبر آهن ضرور) غيب جي متعلق خيالي ڳالهيون ڪندي (ڪڏهن) چوندا (تہ اهي صرف) ٽي (ماڻهو) هئا جن سان چوٿون انهن جو ڪتو هو ۽ (ڪڏهن هيئن) چوندا (تہ اهي) پنج هئا جن سان ڇهون انهن جو ڪتو هو ۽ (انهن مان ڪي ائين بہ) چوندا (تہ اهي) ست هئا ۽ انهن سان اٺون انهن جو ڪتو هو- تون (انهن کي) چؤ (تہ) انهن جي (صحيح) ڳڻپ کي الله (ئي) بهتر ڄاڻيٿو (۽) ٿورن ماڻهن کانسواءِ انهن کي ڪوبہ نٿو ڄاڻي پوءِ تون انهن جي متعلق مضبوط بحث کانسواءِ ڪوبہ بحث نہ ڪر ۽ انهن جي باري ۾ انهن مان ڪنهن کان حال جي حقيقت معلوم نہ ڪر.

وَ لَا تَقُوْلَنَّ لِشَایْءٍ اِنِّیْ فَاعِلٌ ذٰلِكَ غَدًا ۙ ﴿٢٤﴾

٢٤- ۽ تون ڪنهن ڳالهہ متعلق (دعويٰ سان) هرگز نہ چؤ (تہ) مان صبحاڻي هي (ڪم) ضرور ڪندس.

اِلَّاۤ اَنْ يَّشَآءَ اللّٰهُ ۫ وَ اذْكُرْ رَّبَّكَ
اِذَا نَسِيْتَ وَ قُلْ عَسٰۤى اَنْ يَّهْدِيَنِ
رَبِّیْ لِاَقْرَبَ مِنْ هٰذَا رَشَدًا ﴿٢٥﴾

٢٥- ها (صرف اهڙيءَ طرح ڪندس) جهڙيءَ طرح الله چاهيندو - ۽ جڏهين (ڪنهن وقت) تون وساري ڇڏين تہ (ياد اچي وڃڻ تي) پنهن جي رب (جي واعدن) کي ياد (ڪندو) ڪر ۽ چوندو ڪر (تہ مونکي ڪامل) اميد آهي تہ منهنجو رب (آخر مونکي ڪامياب ڪري ڇڏيندو ۽) مونکي انهيءَ (رستي) تي هلائيندو جيڪو هدايت حاصل ڪرڻ جي لحاظ کان (منهنجي تجويز ڪيل رستي کان بہ پوري ٺيڪ جي) وڌيڪ ويجهو هوندو.

وَلَبِثُوْا فِيْ كَهْفِهِمْ ثَلٰثَ مِائَةٍ سِنِيْنَ وَازْدَادُوْا تِسْعًا ﴿٢٥﴾

٢٦۔ ۽ (ڪي ماڻهو هيءَ به چوندا ته) اهي پنهنجي ڪشادي پناهه گاهه ۾ ٽن سون سالن تائين رهيا هئا ۽ (انهيءَ عرصي تي) نو (سال) انهن ٻيا وڌايا هئا.

قُلِ اللّٰهُ اَعْلَمُ بِمَا لَبِثُوْا لَهٗ غَيْبُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ اَبْصِرْ بِهٖ وَاَسْمِعْ مَا لَهُمْ مِّنْ دُوْنِهٖ مِنْ وَّلِيٍّ وَّلَا يُشْرِكُ فِيْ حُكْمِهٖٓ اَحَدًا ﴿٢٦﴾

٢٧۔ تون (انهن کي) چئو (ته) جيترو (عرصو غار ۾) اهي ترسيا رهيا انهيءَ کي الله (ئي) بهتر ڄاڻيٿو. آسمانن ۽ زمين جو غيب انهيءَ لاءِ آهي.اهو ته گهڻو ئي ڏسڻ وارو ۽ گهڻو ئي ٻڌڻ وارو آهي. انهن (ماڻهن) جو انهيءَ کانسواءِ ڪوبه مددگار نه آهي ۽ اهو پنهنجي حڪم (۽ پنهنجي فيصلن) ۾ ڪنهن کي (پنهنجو) شريڪ نٿو بڻائي.

وَاتْلُ مَآ اُوْحِيَ اِلَيْكَ مِنْ كِتَابِ رَبِّكَ لَا مُبَدِّلَ لِكَلِمٰتِهٖ وَلَنْ تَجِدَ مِنْ دُوْنِهٖ مُلْتَحَدًا ﴿٢٧﴾

٢٨۔ ۽ تنهنجي رب جي ڪتاب مان جيڪو (حصو) توتي وحي (جي ذريعي سان نازل) ٿئي ٿو اهو پڙهي (ماڻهن کي ٻڌاءِ) انهيءَ جي ڳالهين کي ڪوبه تبديل ڪري سگهڻ وارو ڪونهي ۽ انهيءَ کي ڇڏي تون ڪابه پناهه جي جڳهه نه لهندين.

وَاصْبِرْ نَفْسَكَ مَعَ الَّذِيْنَ يَدْعُوْنَ رَبَّهُمْ بِالْغَدٰوةِ وَالْعَشِيِّ يُرِيْدُوْنَ وَجْهَهٗ وَلَا تَعْدُ عَيْنٰكَ عَنْهُمْ تُرِيْدُ زِيْنَةَ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَلَا تُطِعْ مَنْ اَغْفَلْنَا قَلْبَهٗ عَنْ ذِكْرِنَا وَاتَّبَعَ هَوٰىهُ وَكَانَ اَمْرُهٗ فُرُطًا ﴿٢٨﴾

٢٩۔ ۽ پنهنجي پاڻ کي انهن ماڻهن سان رک جيڪي پنهنجي رب لاءِ انهيءَ جي خوشخبري چاهيندي صبح ۽ شام پڪارين ٿا ۽ تنهنجون نظرون انهن کي ڇڏي اڳتي نه نڪري وڃن (۽ جيڪڏهن تون ائين ڪندين ته) تون دنيوي زندگيءَ جي زينت چاهيندين ۽ جنهن جي دل کي اسان پنهنجي ياد کان غافل ڪري ڇڏيو هجي ۽ انهي پنهنجي ڪريل خواهش جي پيروي اختيار ڪئي هجي ۽ انهيءَ جو معاملو حد کان وڌيل هجي انهيءَ جي فرمانبرداري نه ڪر.

بَيْنَهُمَا زَرْعًا ۝٣٢

اسان ڪجيءَ جي وڻن سان (هر طرف کان) گهيري رکيو هو ۽ اسان انهن (ٻنهي جي قبضي ۾ آيلن) جي وچ ۾ ڪجهه پوک به پيدا ڪئي هئي.

كِلْتَا الْجَنَّتَيْنِ اٰتَتْ اُكُلَهَا وَلَمْ تَظْلِمْ مِّنْهُ شَيْـًٔا وَّفَجَّرْنَا خِلٰلَهُمَا نَهَرًا ۝٣٣

٣٤- انهن ٻنهي باغن (ٻنهنجو) ٻنهنجو ڦر (خوب) ڏنو ۽ انهيءَ مان ڪجهه (به) گهٽ نه ڪيو. ۽ انهن جي وچ مان اسان هڪ نهر جاري ڪئي هئي.

وَّكَانَ لَهٗ ثَمَرٌ ۚ فَقَالَ لِصَاحِبِهٖ وَهُوَ يُحَاوِرُهٗٓ اَنَا اَكْثَرُ مِنْكَ مَالًا وَّاَعَزُّ نَفَرًا ۝٣٤

٣٥- ۽ انهيءَ کي ڏاڍو ميوو حاصل (ٿيندو) هو. انهيءَ سبب ڪري انهيءَ ٻنهنجي ساٿي کي انهيءَ سان ڳالهيون ڪندي (فخر سان) چيو (ته ڏس) تنهن جي نسبت منهنجو مال زياده ۽ جٿو عزت ڀريو آهي.

وَدَخَلَ جَنَّتَهٗ وَهُوَ ظَالِمٌ لِّنَفْسِهٖ ۚ قَالَ مَآ اَظُنُّ اَنْ تَبِيْدَ هٰذِهٖٓ اَبَدًا ۝٣٥

٣٦- ۽ (هڪ دفعو) اهو ٻنهن جي جان تي ظلم ڪندي ٻنهنجي باغ ۾ داخل ٿيو (۽) انهيءَ (ٻنهن جي ساٿي کي) چيو (ته) مان نٿو سمجهان ته هيءَ (منهن جو باغ) ڪڏهين تباهه ٿيندو.

وَّمَآ اَظُنُّ السَّاعَةَ قَآئِمَةً ۙ وَّلَئِنْ رُّدِدْتُّ اِلٰى رَبِّيْ لَاَجِدَنَّ خَيْرًا مِّنْهَا مُنْقَلَبًا ۝٣٦

٣٧- ۽ مان نٿو سمجهان ته اها (وعدي ڪيل تباهي جي) گهڙي (ڪڏهين) اچڻ واري آهي ۽ جيڪڏهين (بالفرض) مونکي منهن جي رب ڏانهن موٽايو (به) وڃي ته مان (اتي به) يقينن هن کان بهتر ٺڪاڻو حاصل ڪندس.

قَالَ لَهٗ صَاحِبُهٗ وَهُوَ يُحَاوِرُهٗٓ اَكَفَرْتَ بِالَّذِيْ خَلَقَكَ مِنْ تُرَابٍ ثُمَّ مِنْ نُّطْفَةٍ ثُمَّ سَوّٰىكَ رَجُلًا ۝٣٧

٣٨- انهيءَ جي ساٿي انهيءَ کان سوال جواب ڪندي چيو (ته) ڇا تو انهيءَ (هستيءَ) کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي جنهن توکي (ٻهرين) مٽيءَ مان (۽) پوءِ نطفي مان پيدا ڪيو ۽ پوءِ انهيءَ توکي پورو ماڻهو بنايو.

لٰكِنَّا۠ هُوَ اللّٰهُ رَبِّيْ وَلَآ اُشْرِكُ بِرَبِّيْٓ اَحَدًا ۝٣٨

٣٩- ( تنهن جو ته اهو حال آهي) پر (مان

تہ ھي چوانئو تہ) حق تہ ھي آھي تہ الله
ئي منھنجو رب آھي ۽ مان ڪنھن کي (بہ
پنھنجي رب جو شريڪ نٿو بڻايان).

وَلَوْلَآ اِذْ دَخَلْتَ جَنَّتَكَ قُلْتَ مَا شَآءَ اللّٰهُ ۙ لَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰهِ ۚ اِنْ تَرَنِ اَنَا اَقَلَّ مِنْكَ مَالًا وَّوَلَدًا ۝٤٠

۴۰- ۽ جڏھين تون پنھنجي باغ ۾ آيو ھئين
تہ چونہ تو چيو (تہ اھوئي ٿيندو) جيڪي
الله چاھيندو (جو جو) الله ئي (جي فضل)
سان ھر ھڪ قوت (حاصل ٿئي) ٿي
جيڪڏھن تون مون (ناچيز) کي پنھنجي
نسبت مال ۽ اولاد ۾ گھٽ سمجھين ٿو.

فَعَسٰى رَبِّيْٓ اَنْ يُّؤْتِيَنِ خَيْرًا مِّنْ جَنَّتِكَ وَيُرْسِلَ عَلَيْهَا حُسْبَانًا مِّنَ السَّمَآءِ فَتُصْبِحَ صَعِيْدًا زَلَقًا ۙ۝٤١

۴۱- تہ بلڪل ممڪن آھي، جو منھنجو
رب مونکي تنھنجي باغ کان ڪو بھتر
(باغ) ڏيئي ڇڏي ۽ ھن (تنھنجي باغ) تي
مٿان ڪو باھہ جو شعلو ڪيرائي. جنھن جي
ڪري اھو ھڪ صاف ۽ پوٺو ٿي وڃي.

اَوْ يُصْبِحَ مَآؤُهَا غَوْرًا فَلَنْ تَسْتَطِيْعَ لَهٗ طَلَبًا ۝٤٢

۴۲- يا انھيءَ جو پاڻي خشڪ ٿي وڃي (۽)
پوءِ تون (يعني اسلام جو دشمن) انھيءَ جي
تلاش جي (بہ) طاقت نہ لھين (سو ائين ئي
ٿيو).

وَاُحِيْطَ بِثَمَرِهٖ فَاَصْبَحَ يُقَلِّبُ كَفَّيْهِ عَلٰى مَآ اَنْفَقَ فِيْهَا وَهِيَ خَاوِيَةٌ عَلٰى عُرُوْشِهَا وَيَقُوْلُ يٰلَيْتَنِيْ لَمْ اُشْرِكْ بِرَبِّيْٓ اَحَدًا ۝٤٣

۴۳- ۽ انھيءَ جي سڄي ڦر کي تباھہ ڪيو
ويو ۽ اھو (يعني باغ جو مالڪ) انھيءَ حال
۾ جو اھو (باغ) پنھنجي ٽيڪن تي ڪريل
ھو انھيءَ (مال) جي سببان جيڪو ھن انھيءَ
(باغ جي ترقي) جي لاءِ خرچ ڪيو ھو پنھنجا
ٻئي ھٿ مھٽڻ لڳو ۽ چوڻ لڳو (تہ)
ڪاش! جو مان ڪنھن کي پنھنجي رب جو
شريڪ نہ بڻايان ھا.

وَلَمْ تَكُنْ لَّهٗ فِئَةٌ يَّنْصُرُوْنَهٗ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ وَمَا كَانَ مُنْتَصِرًا ۝٤٤ؕ

۴۴- ۽ (انھيءَ وقت) ڪابہ جماعت ھن سان
شامل نہ ٿي جيڪا الله کانسواءِ انھيءَ جي
مدد ڪري ۽ نہ اھو (انھيءَ جو ڪوبہ)
بدلو ئي وٺي سگھيو.

هُنَالِكَ الْوَلَايَةُ لِلّٰهِ الْحَقِّ ؕ هُوَ خَيْرٌ ثَوَابًا وَّ خَيْرٌ عُقْبًا ع ﴿٤٥﴾ ع ٥ ١٣ ١٧

٤٥ـ اهڙي موقعي تي مدد الله جي ئي (مفيد) ٿيندي آهي جيڪو معبود حقيقي آهي ۽ بدلو ڏيڻ ۾ (بہ) سڀني کان سٺو آهي ۽ (سٺي) پڄاڙي (پيدا ڪرڻ) جي لحاظ کان بہ سڀني کان سٺو آهي.

وَ اضْرِبْ لَهُمْ مَّثَلَ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا كَمَآءٍ اَنْزَلْنٰهُ مِنَ السَّمَآءِ فَاخْتَلَطَ بِهٖ نَبَاتُ الْاَرْضِ فَاَصْبَحَ هَشِيْمًا تَذْرُوْهُ الرِّيٰحُ ؕ وَ كَانَ اللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ مُّقْتَدِرًا ﴿٤٦﴾

٤٦ـ ۽ تون انهن جي اڳيان هن دنيوي زندگي جي حالت (بہ) کولي بيان ڪر (جو اها) اهڙي پاڻيءَ وانگر (آهي) جنهن کي اسان ڪڪر مان وسايو. پوءِ انهيءَ ۾ زمين جو اوڀڙ ملي ويو پوءِ (آخر) اها (ٻهہ جو) چورو بڻجي ويئي. جنهنکي هوائون اڏائينديون (ڦرن) ٿيون ۽ الله هر ڳالهہ تي قدرت رکڻ وارو آهي.

اَلْمَالُ وَ الْبَنُوْنَ زِيْنَةُ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ۚ وَ الْبٰقِيٰتُ الصّٰلِحٰتُ خَيْرٌ عِنْدَ رَبِّكَ ثَوَابًا وَّ خَيْرٌ اَمَلًا ﴿٤٧﴾

٤٧ـ مال ۽ پٽ هن دنيوي زندگيءَ جي زينت آهن ۽ باقي رهڻ وارا نيڪ (۽ حال سارو) ڪم (ٿي جيڪي انهن شين کان ورتا وڃن) تنهن جي رب وٽ بدلي جي لحاظ کان (بہ) بهتر آهن ۽ اميد جي لحاظ کان (بہ) بهتر آهن.

وَ يَوْمَ نُسَيِّرُ الْجِبَالَ وَ تَرَى الْاَرْضَ بَارِزَةً ۙ وَّ حَشَرْنٰهُمْ فَلَمْ نُغَادِرْ مِنْهُمْ اَحَدًا ۚ ﴿٤٨﴾

٤٨ـ ۽ (انهي ڏينهن بہ انهن جا بهتر نتيجا ظاهر ٿيندا) جنهن ڏينهن اسان انهن پهاڙن کي (پنهن جي پنهنجي جڳهہ کان) هلائي ڇڏينداسين ۽ تون سڀني زمين جي رهاڪن (کي هڪ ٻئي جي مقابلي ۾ جنگ جي لاءِ) نڪرندو ڏسندين ۽ اسان انهن (سڀني) کي گڏ ڪنداسين ۽ انهن مان ڪنهن کي (بہ باقي) نہ ڇڏينداسين.

وَ عُرِضُوْا عَلٰى رَبِّكَ صَفًّا ؕ لَقَدْ جِئْتُمُوْنَا كَمَا خَلَقْنٰكُمْ اَوَّلَ مَرَّةٍ ۢ بَلْ زَعَمْتُمْ اَلَّنْ نَّجْعَلَ لَكُمْ مَّوْعِدًا ﴿٤٩﴾

٤٩ـ ۽ اهي صف ٻڌي تنهن جي رب اڳيان پيش ڪيا ويندا (۽ انهن کي چيو ويندو تہ) ڏسو توهان (اهڙيءَ طرح ڪمزوري جي حالت

۾) اسان وٽ اچي ويا آهيو (جنهن حالت ۾) اسان توهانکي پهريون دفعو پيدا ڪيو هو (۽ توهان اها اميد نہ رکندا هئا) پر توهانکي دعويٰ هئي تہ اسان توهان لاءِ ڪا واعدي (جي پوري ٿيڻ) جي گهڙي مقرر نہ ڪنداسين.

وَوُضِعَ الْكِتٰبُ فَتَرَى الْمُجْرِمِيْنَ مُشْفِقِيْنَ مِمَّا فِيْهِ وَيَقُوْلُوْنَ يٰوَيْلَتَنَا مَالِ هٰذَا الْكِتٰبِ لَا يُغَادِرُ صَغِيْرَةً وَّلَا كَبِيْرَةً اِلَّآ اَحْصٰىهَا ۚ وَوَجَدُوْا مَا عَمِلُوْا حَاضِرًا ۗ وَلَا يَظْلِمُ رَبُّكَ اَحَدًا ﴿٥٠﴾

٥٠. ۽ (انهن جي عملن جو) ڪتاب (انهن جي اڳيان) رکيو ويندو پوءِ (اي مخاطب) تون انهن مجرمن کي انهيءَ جي سببان جيڪي انهيءَ ۾ (لکيل) هوندو ڊڄندي ڏسندين ۽ (انهيءَ وقت) اهي چوندا تہ هاءِ (افسوس) اسانجي تباهي (سامهون بيٺي آهي) هن ڪتاب کي ڇا (ٿيو) آهي (جو) نہ ڪنهن ننڍي ڳالهہ کي انهي جو گهيرو ڪرڻ کانسواءِ ڇڏيٿو ۽ نہ ڪنهن وڏيءَ ڳالهہ کي . ۽ جيڪي ڪجهہ انهن ڪيو هوندو انهيءَ کي پنهن جي سامهون حاضر لهندا ۽ تنهن جو رب ڪنهن تي ظلم نٿو ڪري.

وَاِذْ قُلْنَا لِلْمَلٰٓئِكَةِ اسْجُدُوْا لِاٰدَمَ فَسَجَدُوْٓا اِلَّآ اِبْلِيْسَ ۗ كَانَ مِنَ الْجِنِّ فَفَسَقَ عَنْ اَمْرِ رَبِّهٖ ۗ اَفَتَتَّخِذُوْنَهٗ وَذُرِّيَّتَهٗٓ اَوْلِيَآءَ مِنْ دُوْنِيْ وَهُمْ لَكُمْ عَدُوٌّ ۗ بِئْسَ لِلظّٰلِمِيْنَ بَدَلًا ﴿٥١﴾

٥١. ۽ (انهيءَ وقت کي بہ ياد ڪيو) جڏهين اسان فرشتن کي چيو هو تہ توهان آدم سان (گڏجي) سجدو ڪيو. انهيءَ تي انهن (تہ انهيءَ حڪم جي مطابق انهيءَ سان گڏجي) سجدو ڪيو پر ابليس (نہ ڪيو) اهو جنن مان هو سو انهي (پنهن جي فطرت جي مطابق) پنهنجي رب جي نافرماني ڪئي (اي منهنجا ٻانهوا) ڇا توهان مونکي ڇڏي انهيءَ (شيطان) کي ۽ انهيءَ جي نسل کي (پنهنجو) دوست بنايو ٿا حالانڪ اهي توهانجا دشمن آهن اهو (شيطان) ظالمن جي

لاءِ ڏاڍو برو بدلو ثابت ٿيو آهي.

مَآ اَشْهَدْتُّهُمْ خَلْقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَلَا خَلْقَ
اَنْفُسِهِمْ ۪ وَمَا كُنْتُ مُتَّخِذَ الْمُضِلِّيْنَ عَضُدًا ﴿٥١﴾

٥٢. مون نہ انهن کي آسمانن ۽ زمين جي پيدائش (جي موقعي) تي حاضر ڪيو هو ۽ نہ (خود) انهن جي (پنهن جي) جانين جي پيدائش جي موقعي تي - ۽ نہ ئي مان گمراهہ ڪرڻ وارن کيِ (پنهن جو ) مددگار بنائي سگهيس ٿي.

وَيَوْمَ يَقُوْلُ نَادُوْا شُرَكَآءِيَ الَّذِيْنَ زَعَمْتُمْ فَدَعَوْهُمْ
فَلَمْ يَسْتَجِيْبُوْا لَهُمْ وَجَعَلْنَا بَيْنَهُمْ مَّوْبِقًا ﴿٥٢﴾

٥٣. ۽ (انهيءَ ڏينهن کي بہ ياد ڪيو) جنهن ڏينهن اهو (برتر خدا مشرڪن کي چوندو) تہ هاڻي توهان منهن جي (انهن) شريڪن کي سڏيو جن جي (شريڪ هئڻ جي) متعلق توهان دعويٰ ڪندا هئا - جنهن تي اهي انهن کي سڏيندا پر اهي انهن کي (ڪوبہ) جواب نہ ڏيندا ۽ انهن جي (۽ انهن جي تجويز ڪيل شريڪن جي) وچم اسان هڪ آڙ (حائل) ڪري ڇڏينداسين.

وَرَاَ الْمُجْرِمُوْنَ النَّارَ فَظَنُّوْٓا اَنَّهُمْ مُّوَاقِعُوْهَا وَ
لَمْ يَجِدُوْا عَنْهَا مَصْرِفًا ﴿٥٣﴾ ع

٥٤. ۽ مجرم انهيءَ باهہ کي ڏسندا ۽ سمجهي ويندا تہ اهي انهيءَ ۾ پوڻ وارا آهن ۽ اهي انهيءَ کان پوئتي هٽڻ جي ڪابہ جڳهہ نہ لهندا.

وَلَقَدْ صَرَّفْنَا فِيْ هٰذَا الْقُرْاٰنِ لِلنَّاسِ مِنْ كُلِّ
مَثَلٍ ۭ وَكَانَ الْاِنْسَانُ اَكْثَرَ شَيْءٍ جَدَلًا ﴿٥٤﴾

٥٥. ۽ اسان هن قرآن ۾ يقينن هر هڪ (ضروري) ڳالهہ کي مختلف نمونن ۾ بيان ڪيو آهي ۽ (ائين ڇو نہ ڪيون ها جو) انسان سڀني کان وڌيڪ بحث ڪرڻ وارو آهي.

وَمَا مَنَعَ النَّاسَ اَنْ يُّؤْمِنُوْٓا اِذْ جَآءَهُمُ الْهُدٰى
وَيَسْتَغْفِرُوْا رَبَّهُمْ اِلَّآ اَنْ تَاْتِيَهُمْ سُنَّةُ الْاَوَّلِيْنَ
اَوْ يَاْتِيَهُمُ الْعَذَابُ قُبُلًا ﴿٥٥﴾

٥٦. ۽ انهن ماڻهن کي جڏهين انهن وٽ هدايت آئي تہ (انهيءَ تي) ايمان آڻڻ ۽ پنهن جي رب کان بخشش گهرڻ کان صرف انهيءَ ڳالهہ روڪيو تہ پهرين ماڻهن جهڙي حالت انهن تي (بہ) اچي، يا وري عذاب انهن جي

اڳيان اچي بيهي.

وَمَا نُرْسِلُ الْمُرْسَلِيْنَ اِلَّا مُبَشِّرِيْنَ وَمُنْذِرِيْنَ
وَيُجَادِلُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِالْبَاطِلِ لِيُدْحِضُوْا بِهِ
الْحَقَّ وَاتَّخَذُوْٓا اٰيٰتِيْ وَمَآ اُنْذِرُوْا هُزُوًا ﴿٥٦﴾

٥٦- ۽ اسان رسولن کي صرف بشارت ڏيڻ وارو ۽ (عذاب جي اچڻ کان) آگاهہ ڪرڻ وارو بنائي موڪليون ٿا ۽ جن ماڻهن انڪار ڪيو آهي اهي ڪوڙ جي ذريعي انهيءَ ڪري جهيڙو ڪن ٿا تہ انهيءَ جي وسيلي حق کي مٽائي ڇڏين ۽ انهن منهنجي نشانن کي (۽) منهن جي ڏيکارڻ کي کل جو نشان بنايو آهي.

وَمَنْ اَظْلَمُ مِمَّنْ ذُكِّرَ بِاٰيٰتِ رَبِّهٖ
فَاَعْرَضَ عَنْهَا وَنَسِيَ مَا قَدَّمَتْ يَدٰهُ ؕ
اِنَّا جَعَلْنَا عَلٰى قُلُوْبِهِمْ اَكِنَّةً اَنْ
يَّفْقَهُوْهُ وَفِيْٓ اٰذَانِهِمْ وَقْرًا ؕ وَاِنْ
تَدْعُهُمْ اِلَى الْهُدٰى فَلَنْ يَّهْتَدُوْٓا اِذًا
اَبَدًا ﴿٥٧﴾

٥٧- ۽ انهيءَ شخص کان وڌيڪ ظالم ٻيو ڪير (ٿي سگهي) ٿو جنهن کي انهيءَ جي رب جي نشانن جي ذريعي سمجهايو ويو (پر) پوءِ (بہ) اهو انهيء کان منهن موڙي ويو ۽ جيڪي ڪجهہ انهي جي هٿن (ڪمائي) اڳتي موڪليو هو انهيءَ کي انهي وساري ڇڏيو. انهن ماڻهن جي دلين تي اسان يقينن ڪيترا پردا وجهي ڇڏيا آهن انهيءَ ڪري تہ اهي انهيء کي نہ سمجهن ۽ انهن جي ڪنن ۾ ڳرائي (پيدا ڪري ڇڏي آهي) ۽ جيڪڏهن تون انهن کي هدايت جي طرف سڏيندين تہ (اهي توسان ايتري قدر حسد رکن ٿا جو) انهيء صورت ۾ اهي هدايت کي (بہ) ڪڏهين قبول نہ ڪندا.

وَرَبُّكَ الْغَفُوْرُ ذُو الرَّحْمَةِ ؕ لَوْ يُؤَاخِذُهُمْ بِمَا
كَسَبُوْا لَعَجَّلَ لَهُمُ الْعَذَابَ ؕ بَلْ لَّهُمْ مَّوْعِدٌ
لَّنْ يَّجِدُوْا مِنْ دُوْنِهٖ مَوْئِلًا ﴿٥٨﴾

٥٩- ۽ تنهن جو رب گهڻو بخشڻ وارو ۽ گهڻو رحمت ڪرڻ وارو آهي. جيڪڏهن اهو انهن جي (بڇڙن) عملن جي سببان انهن کي تباهہ ڪرڻ چاهي ها تہ اهو انهن تي فورن عذاب نازل ڪري ڇڏي ها (پر اهو ائين نٿو ڪري) پر انهن جي لاءِ هڪ ميعاد (مقرر) آهي جنهن کان پهريائين (يعني انهيءَ کان

اڳ جو اهي عذاب ڪانئن) اهي هرگز ڪا بہ پناهہ جي جاءِ نہ لهندا.

وَ تِلْكَ الْقُرٰٓى اَهْلَكْنٰهُمْ لَمَّا ظَلَمُوْا وَ جَعَلْنَا لِمَهْلِكِهِمْ مَّوْعِدًا ۝٦٠

٦٠. ۽ اهي بستيون جن کي اسان انهن جي ظلم جي سببان تباهہ ڪري ڇڏيو آهي (انهن جي لاءِ موجب عبرت ٿي سگهيون ٿي) ۽ اسان انهن جي تباهيءَ لاءِ پهريائين ئي هڪ ميعاد مقرر ڪري ڇڏيو هو (انهيءَ لاءِ تہ اهي چاهين تہ توبهہ ڪن).

وَ اِذْ قَالَ مُوْسٰى لِفَتٰىهُ لَآ اَبْرَحُ حَتّٰٓى اَبْلُغَ مَجْمَعَ الْبَحْرَيْنِ اَوْ اَمْضِيَ حُقُبًا ۝٦١

٦١. ۽ (انهيءَ وقت کي بہ ياد ڪيو) جڏهين موسيٰ پنهن جي نوجوان (سائيءَ) کي چيو هو (تہ) مان (جنهن رستي تي وڃي رهيو آهيان انهيءَ تي قائم رهڻ کان) نہ ٽرندس ايستائين جو انهن ٻنهي سمنڊن جي گڏجڻ واريءَ جاءِ تي پهچي وڃان. يا صدين تائين (اڳتي ئي اڳتي) هلندو وڃان.

فَلَمَّا بَلَغَا مَجْمَعَ بَيْنِهِمَا نَسِيَا حُوْتَهُمَا فَاتَّخَذَ سَبِيْلَهٗ فِي الْبَحْرِ سَرَبًا ۝٦٢

٦٢. پوءِ جڏهين اهي (ٻئي) انهن (ٻنهي سمنڊن) جي گڏ ملڻ واري جاءِ تي (يعني نبيءَ جي زماني جي ويجهڙائي تائين) پهتا تہ اهي پنهن جي مڇي (اتي) وساري ويا. جنهن تي انهيءَ (مڇيءَ) تيزيءَ سان ڀڄندي سمنڊ ۾ پنهن جي واٽ ورتي.

فَلَمَّا جَاوَزَا قَالَ لِفَتٰىهُ اٰتِنَا غَدَآءَنَا لَقَدْ لَقِيْنَا مِنْ سَفَرِنَا هٰذَا نَصَبًا ۝٦٣

٦٣. پوءِ جڏهن اهي (انهيءَ جڳهہ کان) اڳتي نڪري ويا تہ انهيءَ (يعني موسيٰ) پنهن جي نوجوان (سائيءَ) کي چيو (تہ) اسانجي صبح جو کاڌو اسانکي ڏيو. اسانکي يقينن پنهن جي هن سفر جي سببان ٿڪاوٽ ٿي آهي.

قَالَ اَرَءَيْتَ اِذْ اَوَيْنَآ اِلَى الصَّخْرَةِ فَاِنِّيْ نَسِيْتُ الْحُوْتَ وَ مَآ اَنْسٰنِيْهُ اِلَّا الشَّيْطٰنُ اَنْ اَذْكُرَهٗ

٦٤. انهيءَ چيو (تہ) ٻڌايو (هاڻي جا ٿيندو) جڏهين اسان (آرام جي لاءِ) انهيءَ ٽڪريءَ تي ترسياسين تہ مون کان مڇيءَ

وَاتَّخَذَ سَبِيلَهُ فِي الْبَحْرِ عَجَبًا ﴿٦٤﴾

(جو خيال) وسري ويو ۽ مونکان اها ڳالهه شيطان کانسواءِ کنهن نه وساري ۽ انهيءَ سمنڊ ۾ عجيب نموني پنهنجي واٽ ورتي.

قَالَ ذَٰلِكَ مَا كُنَّا نَبْغِ فَارْتَدَّا عَلَىٰ آثَارِهِمَا قَصَصًا ﴿٦٥﴾

٦٥- انهيءَ چيو (ته) اهائي اها (جاءِ) آهي جنهن جي اسانکي ڳولا هئي. پوءِ اهي پنهنجي پيرن جا نشان ڏسندي پوئتي موٽيا.

فَوَجَدَا عَبْدًا مِّنْ عِبَادِنَا آتَيْنَاهُ رَحْمَةً مِّنْ عِندِنَا وَعَلَّمْنَاهُ مِن لَّدُنَّا عِلْمًا ﴿٦٦﴾

٦٦- ته انهن اسانجي (چونڊيل) ٻانهن مان هڪ اهڙو ٻانهون (اتي) ڏٺو جنهنکي اسان پنهن جي حضور مان رحمت (جي سيرت) بخشي هئي ۽ انهيءَ کي پنهن جي حضور مان (خاص) علم (به) عطا ڪيو هو.

قَالَ لَهُ مُوسَىٰ هَلْ أَتَّبِعُكَ عَلَىٰ أَن تُعَلِّمَنِ مِمَّا عُلِّمْتَ رُشْدًا ﴿٦٧﴾

٦٧- موسيٰ انهيءَ کي چيو (ته) ڇا مان انهيءَ (مقصد جي) لاءِ توهان سان ملي سگهان ٿو ته جيڪو علم توهانکي عطا ٿيو آهي انهيءَ مان ڪجهه هدايت (جون ڳالهيون) مونکي به سيکاريو.

قَالَ إِنَّكَ لَن تَسْتَطِيعَ مَعِيَ صَبْرًا ﴿٦٨﴾

٦٨- انهيءَ چيو (ته) تون مون سان رهي هرگز صبر ڪري نه سگهندين.

وَكَيْفَ تَصْبِرُ عَلَىٰ مَا لَمْ تُحِطْ بِهِ خُبْرًا ﴿٦٩﴾

٦٩- ۽ جنهن علم جو تو گهيرو نه ڪيو آهي انهيءَ تي تون صبر ڪري (به) ڪيئن سگهين ٿو.

قَالَ سَتَجِدُنِي إِن شَاءَ اللَّهُ صَابِرًا وَلَا أَعْصِي لَكَ أَمْرًا ﴿٧٠﴾

٧٠- انهيءَ چيو (ته) جيڪڏهن الله گهريو ته توهان مونکي صابر لهندو ۽ مان توهانجي ڪنهن حڪم جي نافرماني نه ڪندس.

قَالَ فَإِنِ اتَّبَعْتَنِي فَلَا تَسْأَلْنِي عَن شَيْءٍ حَتَّىٰ أُحْدِثَ لَكَ مِنْهُ ذِكْرًا ﴿٧١﴾

٧١- انهيءَ (روحاني بزرگ) چيو (ته) چڱو جيڪڏهن تون مون سان هلين ته تون ڪنهن شيءِ متعلق ايستائين جو مان انهيءَ جي متعلق توسان ذڪر ڪرڻ ۾ اڳرائي نه ڪيان مون کان سوال نه ڪجانءِ.

فَانطَلَقَا حَتَّىٰ إِذَا رَكِبَا فِي السَّفِينَةِ خَرَقَهَا قَالَ

٧٢- پوءِ اهي (ٻئي اتان کان) نڪري پيا.

اَخَرَقْتَهَا لِتُغْرِقَ اَهْلَهَا ۚ لَقَدْ جِئْتَ شَيْـًٔا اِمْرًا ﴿٧١﴾

ايستائين جو اهي ٻيڙيءَ ۾ سوار ٿيا تہ انهيءَ (خدا جي چونديل ٻانهي) انهيءَ ۾ ٽنگ ڪري ڇڏيو. انهيءَ تي انهي (موسيٰ) چيو (تہ) ڇا توهان انهيء ڪري ٽنگ ڪيو آهي تہ توهان انهيءَ ۾ اندر (ويهي وڃڻ) وارن کي ٻوڙي ڇڏيو. توهان يقينن (اهو) هڪ نا پسنديده ڪم ڪيو آهي.

قَالَ اَلَمْ اَقُلْ اِنَّكَ لَنْ تَسْتَطِيْعَ مَعِيَ صَبْرًا ﴿٧٢﴾

٧٢. انهيءَ (خدا جي چونديل ٻانهي) چيو (تہ) ڇا مون (توکي) نہ چيو هو (تہ) تون مونسان هرگز صبر نہ ڪري سگهندين.

قَالَ لَا تُؤَاخِذْنِيْ بِمَا نَسِيْتُ وَلَا تُرْهِقْنِيْ مِنْ اَمْرِيْ عُسْرًا ﴿٧٣﴾

٧٣. انهيءَ تي انهيءَ (موسيٰ) چيو (تہ هن دفعي) توهان مونکي پڪڙ نہ ڪيو ـ ڇو جو مون کان (توهان جي هدايت) وسري وئي هئي ۽ توهان منهن جي (هن) ڳالهہ جي سبب ڪري مونتي سختي نہ ڪيو.

فَانْطَلَقَا ۫ حَتّٰۤى اِذَا لَقِيَا غُلٰمًا فَقَتَلَهٗ ۙ قَالَ اَقَتَلْتَ نَفْسًا زَكِيَّةًۢ بِغَيْرِ نَفْسٍ ؕ لَقَدْ جِئْتَ شَيْـًٔا نُّكْرًا ﴿٧٤﴾

٧٤. پوءِ اهي (ٻئي اتان کان) هلڻ لڳا. ايستائين جو اهي جڏهن هڪ ڇوڪري کي مليا تہ انهيءَ (خدا جي بندي) انهيء کي ماري وڌو. (انهيء تي) انهيء (يعني موسيٰ) چيو (تہ) ڇا (هيءَ سچ نہ آهي تہ) توهان (هنوقت) هڪ پاڪباز (۽ بي گناهہ) شخص کي بغير ڪنهن (جي خون) جي بدلي جي (ناحق ئي) ماري وڌو آهي. توهان يقينن (هيءَ) هڪ ڏاڍو برو ڪم ڪيو آهي.

ونندو هو. تنهنڪري مون چاهيو تہ انهيءَ کي عيبدار ڪري ڇڏيان.

وَاَمَّا الْغُلٰمُ فَكَانَ اَبَوٰهُ مُؤْمِنَيْنِ فَخَشِيْنَآ اَنْ يُّرْهِقَهُمَا طُغْيَانًا وَّكُفْرًا ﴿٨١﴾

٨١. ۽ (هيءُ جيڪو) ڇوڪري (جو واقعو آهي تہ انهيءَ) جي حقيقت هيءَ آهي تہ انهيءَ جا ماءُ پيءُ ٻئي مومن هئا ـ تنهنڪري (انهيءَ جي هيءَ حالت ڏسي) اسين ڊناسين تہ ائين نہ ٿئي (جو وڏو ٿي) اهو انهن تي سرڪشي ۽ ڪفر جو الزام لڳارائي ڇڏي.

فَاَرَدْنَآ اَنْ يُّبْدِلَهُمَا رَبُّهُمَا خَيْرًا مِّنْهُ زَكٰوةً وَّاَقْرَبَ رُحْمًا ﴿٨٢﴾

٨٢. پوءِ اسان گهريو تہ انهن جو رب انهن کي هن (ڇوڪري) کان پاڪيزگي ۽ رحم ۽ انصاف جي لحاظ کان بهتر (ڇوڪرو بدلائي) ڏئي ڇڏي.

وَاَمَّا الْجِدَارُ فَكَانَ لِغُلٰمَيْنِ يَتِيْمَيْنِ فِي الْمَدِيْنَةِ وَكَانَ تَحْتَهٗ كَنْزٌ لَّهُمَا وَكَانَ اَبُوْهُمَا صَالِحًا ۚ فَاَرَادَ رَبُّكَ اَنْ يَّبْلُغَآ اَشُدَّهُمَا وَيَسْتَخْرِجَا كَنْزَهُمَا ۖ رَحْمَةً مِّنْ رَّبِّكَ ۚ وَمَا فَعَلْتُهٗ عَنْ اَمْرِيْ ۭ ذٰلِكَ تَاْوِيْلُ مَا لَمْ تَسْطِعْ عَّلَيْهِ صَبْرًا ﴿٨٣﴾

٨٣. ۽ (اها) ڀت انهيءَ شهر جي ٻن يتيم ڇوڪرن جي هئي ۽ انهيءَ جي هيٺيان انهن جو ڪجهہ خزانو (پوريل) هو. ۽ انهن جو پيءُ (هڪ) نيڪ (شخص) هو. انهي ڪري تنهن جي رب چاهيو تہ اهي پنهنجي مضبوطيءَ جي عمر کي پهچي وڃن ۽ (وڏا ٿي) پنهنجي خزاني کي (خود) ڪڍن. تنهن جي رب جي طرفان (انهن تي خاص) رحم (ٿيو) آهي ۽ اهو (ڪم) مون پنهنجي نفس جي حڪم سان نہ ڪيو . هيءَ انهيءَ ڳالهہ جي حقيقت آهي جنهن تي تون صبر نہ ڪري سگهئين.

وَيَسْئَلُوْنَكَ عَنْ ذِي الْقَرْنَيْنِ ۭ قُلْ سَاَتْلُوْا عَلَيْكُمْ مِّنْهُ ذِكْرًا ﴿٨٤﴾

٨٤. ۽ اهي توکان ذوالقرنين متعلق بہ سوال ڪن ٿا تون (انهن کي) چؤ (تہ) مان ضرور انهيءَ جي متعلق ڪجهہ ذڪر توهانجي سامهون ڪندس.

اِنَّا مَكَّنَّا لَهٗ فِي الْاَرْضِ وَاٰتَيْنٰهُ مِنْ كُلِّ شَيْءٍ

٨٥. اسان يقينن انهيءَ کي زمين جي حڪومت بخشي هئي ۽ اسان انهيءَ کي هر هڪ شيءِ

سَبَبًا ﴿٨٥﴾

(جي حاصل ڪرڻ) جو ذريعو عطا ڪيو هو.

فَأَتْبَعَ سَبَبًا ﴿٨٦﴾

٨٦۔ تڏهين اهو هڪ رستي تي هلي پيو.

حَتّٰىٓ إِذَا بَلَغَ مَغْرِبَ الشَّمْسِ وَجَدَهَا تَغْرُبُ فِي عَيْنٍ حَمِئَةٍ وَّوَجَدَ عِنْدَهَا قَوْمًا ۬ قُلْنَا يٰذَا الْقَرْنَيْنِ إِمَّآ أَنْ تُعَذِّبَ وَإِمَّآ أَنْ تَتَّخِذَ فِيهِمْ حُسْنًا ﴿٨٧﴾

٨٧۔ ايستائين جو اهو جڏهين سج لهڻ واري جاءِ تي پهتو تہ انهيءَ کي اٿين لڳو تہ (جڻ) اهو هڪ ميري چشمي ۾ ٻڏي رهيو آهي ۽ انهيءَ انهيءَ جي ويجهو ڪجهہ ماڻهو (آباد) ڏٺا (انهيءَ تي) اسان (انهيءَ کي) چيو (تہ) اي ذوالقرنين توکي اجازت آهي تہ انهن کي عذاب ڏي يا انهن جي باري ۾ حسن سلوڪ کان ڪم وٺ.

قَالَ أَمَّا مَنْ ظَلَمَ فَسَوْفَ نُعَذِّبُهٗ ثُمَّ يُرَدُّ إِلٰى رَبِّهٖ فَيُعَذِّبُهٗ عَذَابًا نُّكْرًا ﴿٨٨﴾

٨٨۔ انهيءَ چيو (هائو مان اٿين ئي ڪندس ۽) جيڪو ظلم ڪندو انهيءَ کي تہ اسان ضرور سزا ڏينداسين پوءِ اهو پنهن جي رب ڏانهن موٽايو ويندو ۽ اهو انهيءَ کي سخت سزا ڏيندو.

وَأَمَّا مَنْ اٰمَنَ وَعَمِلَ صَالِحًا فَلَهٗ جَزَآءَ ۨالْحُسْنٰى ۚ وَسَنَقُولُ لَهٗ مِنْ أَمْرِنَا يُسْرًا ﴿٨٩﴾

٨٩۔ ۽ جيڪو ايمان آڻيندو ۽ نيڪ (۽ مناسب حال) عمل ڪندو انهيءَ لاءِ (خدا وٽ انهيءَ جي (عملن جي بدلي ۾) سٺو انجام (مقدر) آهي ۽ اسان (بہ) ضرور انهي لاءِ پنهن جي حڪم سان آساني واري ڳالهہ چونداسين.

ثُمَّ أَتْبَعَ سَبَبًا ﴿٩٠﴾

٩٠۔ پوءِ هو هڪ رستي سان هلي پيو.

حَتّٰىٓ إِذَا بَلَغَ مَطْلِعَ الشَّمْسِ وَجَدَهَا تَطْلُعُ عَلٰى قَوْمٍ لَّمْ نَجْعَلْ لَّهُمْ مِّنْ دُونِهَا سِتْرًا ﴿٩١﴾

٩١۔ ايستائين جو جڏهين اهي سج جي نڪرڻ جي جاءِ وٽ پهتو تہ هن انهيءَ کي اهڙن ماڻهن مٿان ايرندي ڏٺو، جن لاءِ اسان (انهن جي ۽) انهي (سج) جي وچ ڪابہ اوٽ نہ بڻائي هئي.

كَذٰلِكَ ۚ وَقَدْ أَحَطْنَا بِمَا لَدَيْهِ خُبْرًا ﴿٩٢﴾

٩٢۔ (هي واقعو نيڪ) اهڙي طرح آهي ۽ اسان انهيءَ جي سيني حالتن جي پوريءَ طرح خبر رکي آهي.

ثُمَّ اَتْبَعَ سَبَبًا ﴿٩٢﴾

٩٣۔ پوءِ اهو هڪ رستي سان هلي پيو.

حَتّٰٓى اِذَا بَلَغَ بَيْنَ السَّدَّيْنِ وَجَدَ مِنْ دُوْنِهِمَا قَوْمًا
لَّا يَكَادُوْنَ يَفْقَهُوْنَ قَوْلًا ﴿٩٣﴾

٩٤۔ ايستائين جو جڏهين اهو ٻن ڀهاڙن جي وچ پهتو تہ انهن جي هيٺان ڪي اهڙا ماڻهو ڏٺا جيڪي ڏاڍي مشڪل سان هن جي ڳالهہ سمجهي سگهيا ٿي.

قَالُوْا يٰذَا الْقَرْنَيْنِ اِنَّ يَاْجُوْجَ وَمَاْجُوْجَ مُفْسِدُوْنَ
فِي الْاَرْضِ فَهَلْ نَجْعَلُ لَكَ خَرْجًا عَلٰٓى اَنْ تَجْعَلَ
بَيْنَنَا وَبَيْنَهُمْ سَدًّا ﴿٩٤﴾

٩٥۔ انهن چيو (تہ) اي ذوالقرنين ! ياجوج ماجوج يقينن هن ملڪ ۾ فساد پکيڙي رهيا آهن پوءِ ڇا اسان (ماڻهو) اوهان لاءِ ڪجهہ ڍن هن شرط تي مقرر ڪري ڇڏيون تہ توهان اسانجي وچ ۾ هنن جي وچ ۾ هڪ روڪ ٺاهيو.

قَالَ مَا مَكَّنِّيْ فِيْهِ رَبِّيْ خَيْرٌ فَاَعِيْنُوْنِيْ بِقُوَّةٍ اَجْعَلْ
بَيْنَكُمْ وَبَيْنَهُمْ رَدْمًا ﴿٩٥﴾

٩٦۔ انهيءَ چيو (تہ) اهڙي (قسم جي ڪمن) متعلق منهن جي رب جيڪا طاقت مونکي بخشي آهي اها (دشمن جي سامان ڪان) گهڻي بهتر آهي انهيءَ ڪري توهان مونکي پوري قوت سان مدد ڏيو انهيءَ لاءِ تہ مان توهانجي وچ ۾ انهن جي وچ ۾ هڪ روڪ ٺاهي ڇڏيان.

اٰتُوْنِيْ زُبَرَ الْحَدِيْدِ حَتّٰٓى اِذَا سَاوٰى بَيْنَ الصَّدَفَيْنِ
قَالَ انْفُخُوْا حَتّٰٓى اِذَا جَعَلَهٗ نَارًا قَالَ اٰتُوْنِيْٓ اُفْرِغْ
عَلَيْهِ قِطْرًا ﴿٩٦﴾

٩٧۔ توهان مونکي لوهہ جا ٽڪر ڏيو (۽ اها رنڊڪ تيار ٿيڻ لڳي) ايتري قدر جو جڏهين انهيءَ (ٽڪريءَ جي) انهن (ٻنهي) چوٽين جي وچ ۾ هڪجهڙائي پيدا ڪري ڇڏي. تہ هن (انهن کي) چيو (تہ هاڻي انهيءَ تي باهہ) ڏئو ايتري قدر جو جڏهين هن انهي کي (بلڪل) باهہ (وانگر) ڪري ڇڏيو تہ (انهن کي) چيائين (تہ هاڻي) مونکي (رجيل) ٽامون (آڻي) ڏيو تہ مان (اهو) انهيءَ تي وجهان.

فَمَا اسْطَاعُوْٓا اَنْ يَّظْهَرُوْهُ وَمَا اسْتَطَاعُوْا لَهٗ

٩٨۔ پوءِ (جڏهن اها پٽ تيار ٿي ويئي تہ) اهي (يعني ياجوج ماجوج) انهيءَ تي چڙهي

نَقْبًا ﴿٩٧﴾

نہ سگھيا ۽ نہ انهيءَ ۾ کو ٽنگ ڪري سگھيا.

قَالَ هٰذَا رَحْمَةٌ مِّنْ رَّبِّىْۚ فَاِذَا جَآءَ وَعْدُ رَبِّىْ جَعَلَهٗ دَكَّآءَۚ وَكَانَ وَعْدُ رَبِّىْ حَقًّا ﴿٩٨﴾

٩٩. (تنهن تي) هن چيو (تہ) هيءَ (ڪم فقط) منهنجي رب جي خاص احسان سان (ٿيو) آهي. پوءِ جڏهن (عالمگير عذاب جي متعلق) منهنجي رب جو واعدو (پورو ٿيڻ تي) ايندو تہ اهو انهيءَ (روڪ) کي (پڃي) زمين سان مليل هڪ بڻائي ڇڏيندو ۽ منهنجي رب جو واعدو (ضرور) پورو ٿي رهڻ وارو آهي.

وَتَرَكْنَا بَعْضَهُمْ يَوْمَئِذٍ يَّمُوْجُ فِىْ بَعْضٍ وَّنُفِخَ فِى الصُّوْرِ فَجَمَعْنٰهُمْ جَمْعًا ﴿١٠٠﴾

١٠٠. ۽ جڏهن(انهيءَ جي پوري ٿيڻ جو وقت ايندو تہ ) انهيءَ وقت اسان انهن کي هڪ ٻئي جي خلاف جوش سان حملو ڪندي ڇڏي ڏينداسين ۽ بگل وڄايو ويندو تڏهن اسان انهن (سڀني) کي گڏ ڪنداسين.

وَّعَرَضْنَا جَهَنَّمَ يَوْمَئِذٍ لِّلْكٰفِرِيْنَ عَرْضًا ﴿١٠١﴾

١٠١. ۽ اسان انهيءَ ڏينهن جنهم کي ڪافرن جي بلڪل سامهون ونئي ايندا سين.

الَّذِيْنَ كَانَتْ اَعْيُنُهُمْ فِىْ غِطَآءٍ عَنْ ذِكْرِىْ وَكَانُوْا لَا يَسْتَطِيْعُوْنَ سَمْعًا ﴿١٠٢﴾ ع

١٠٢. (اهي ڪافر) جن جو اکيون منهنجي ذکر (يعني قرآن ڪريم) کان (غفلت جي) پردي ۾ هيون ۽ اهي ٻڌڻ جي طاقت بہ نہ رکندا هئا.

اَفَحَسِبَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا اَنْ يَّتَّخِذُوْا عِبَادِىْ مِنْ دُوْنِىْٓ اَوْلِيَآءَۭ اِنَّآ اَعْتَدْنَا جَهَنَّمَ لِلْكٰفِرِيْنَ نُزُلًا ﴿١٠٣﴾

١٠٣. (تہ) ڇا (اهو سڀ ڪجهہ ڏسي) پوءِ (بہ) اهي ماڻهو جن ڪفر (جو طريقو) اختيار ڪيو آهي, (اهو) سمجهن ٿا تہ اهي مون کي ڇڏي منهنجي ٻانهن کي مددگار بنائي سگهندا. اسان ڪافرن جي انعام (يعني بدلي) طور جهنم کي تيار ڪري رکيو آهي.

قُلْ هَلْ نُنَبِّئُكُمْ بِالْاَخْسَرِيْنَ اَعْمَالًا ﴿١٠٤﴾

١٠٤. تون (انهن کي) چؤ (تہ) ڇا اسين

هيو (پاڻي سمنڊ ۾) آڻي وجهون.

قُلْ إِنَّمَآ أَنَا۠ بَشَرٌ مِّثْلُكُمْ يُوحَىٰٓ إِلَيَّ أَنَّمَآ إِلَٰهُكُمْ إِلَٰهٌ
وَٰحِدٌ ۖ فَمَن كَانَ يَرْجُوا۟ لِقَآءَ رَبِّهِۦ فَلْيَعْمَلْ عَمَلًا
صَٰلِحًا وَلَا يُشْرِكْ بِعِبَادَةِ رَبِّهِۦٓ أَحَدًۢا ﴿١١٠﴾

١١١. تون (انهن کي) چؤ (تہ) مان صرف توهان وانگر هڪ بشر آهيان (فرق صرف اهو آهي جو) مون تي (اها) وحي (نازل) ڪئي وڃي ٿي تہ، توهانجو معبود هڪ ئي (حقيقي) معبود آهي، پوءِ جيڪو شخص پنهنجي رب سان ملڻ جي اميد رکندو هجي انهيءَ کي گهرجي تہ نيڪ عمل (۽ حال سارو) ڪم ڪري ۽ پنهنجي رب جي عبادت ۾ ڪنهن کي بہ شريڪ نہ ڪري.

سُوْرَةُ مَرْيَمَ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ مَعَ الْبَسْمَلَةِ تِسْعٌ وَّتِسْعُوْنَ اٰيَةً وَّسِتَّةُ رُكُوْعَاتٍ

سورت مريم - هي سورت مکي آهي ۽ بسم الله سميت هن جون نوانوي آيتون ۽ ڇهه رکوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ①

١- (مان) الله جو نالو وٺي جيڪو بيحد ڪرم ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي (پڙهانٿو)

كٓهٰيٰعٓصٓ ②

٢- اي عالم ۽ صادق خدا تون ڪافي ۽ هادي آهين.

ذِكْرُ رَحْمَتِ رَبِّكَ عَبْدَهٗ زَكَرِيَّا ③

٣- (هن سورت ۾) تنهن جي رب جي (انهيءَ) رحمت جو ذڪر آهي) جيڪا انهيءَ پنهن جي ٻانهي زڪريا تي (انهيءَ وقت) ڪئي.

اِذْ نَادٰى رَبَّهٗ نِدَآءً خَفِيًّا ④

٤- جڏهن انهي پنهنجي رب کي آهستي آواز سان پڪاريو.

قَالَ رَبِّ اِنِّيْ وَهَنَ الْعَظْمُ مِنِّيْ وَاشْتَعَلَ الرَّاْسُ شَيْبًا وَّلَمْ اَكُنْ بِدُعَآئِكَ رَبِّ شَقِيًّا ⑤

٥- (۽) چيو، اي منهنجا رب! (منهن جي حالت تہ يقينن اهڙي آهي جو) منهنجا سيئي هڏا بہ ڪمزور ٿي ويا آهن ۽ (منهنجو) مٿو پيريءَ جي ڪري چمڪي چڪو آهي ۽ اي منهنجا رب! مان ڪڏهين بہ توکان دعائون گهرڻ جي ڪري ناڪام ( نامراد) نہ رهيو آهيان.

وَاِنِّيْ خِفْتُ الْمَوَالِيَ مِنْ وَّرَآءِيْ وَكَانَتِ امْرَاَتِيْ عَاقِرًا فَهَبْ لِيْ مِنْ لَّدُنْكَ وَلِيًّا ⑥

٦- ۽ مان يقينن پنهنجي مائٽن کان پنهنجي (مرڻ کان؟) پوءِ (جي سلوڪ کان) ڊڄانٿو ۽ منهن جي زال سنڊ آهي پوءِ تون مونکي پنهنجي طرفان هڪ دوست (يعني پٽ) عطا ڪر.

يَّرِثُنِيْ وَيَرِثُ مِنْ اٰلِ يَعْقُوْبَ وَاجْعَلْهُ رَبِّ

٧- جيڪو منهن جو بہ وارث هجي ۽ آل يعقوب (کان جيڪو دين ۽ تقويٰ اسانکي

رَضِيًّا ۝٧

ورثي ۾ مليو آهي انهيءَ) جو بہ وارث هجي ۽ اي منهنجا رب! انهيءَ کي (پنهن جو) چونديل (وجود) بنائجان.

يٰزَكَرِيَّآ اِنَّا نُبَشِّرُكَ بِغُلٰمِ ٍۨ اسْمُهٗ يَحْيٰى ۙ لَمْ نَجْعَلْ لَّهٗ مِنْ قَبْلُ سَمِيًّا ۝٨

٨ـ (انهيءَ تي الله فرمايو) اي زڪريا! اسان توکي هڪ نينگر جي خبر ڏيون ٿا (جيڪو جواني جي عمر کي پهچندو ۽) انهيءَ جو نالو (خدا جي طرفان) يحيٰ هوندو ـ اسان هن کان پهرين ڪنهن کي بہ هن نالي سان ياد نہ ڪيو.

قَالَ رَبِّ اَنّٰى يَكُوْنُ لِيْ غُلٰمٌ وَّكَانَتِ امْرَاَتِيْ عَاقِرًا وَّقَدْ بَلَغْتُ مِنَ الْكِبَرِ عِتِيًّا ۝٩

٩ـ (زڪريا) چيو اي منهنجا رب! مونکي نينگر ڪيئن ٿي سگهيٿو جو منهن جي زال سنڍ آهي ۽ مان ٻڍاپي جي انتهائي حد کي پهچي چڪو آهيان.

قَالَ كَذٰلِكَ ۚ قَالَ رَبُّكَ هُوَ عَلَيَّ هَيِّنٌ وَّقَدْ خَلَقْتُكَ مِنْ قَبْلُ وَلَمْ تَكُ شَيْئًا ۝١٠

١٠ـ (الهام آئيندڙ فرشتي) چيو (تہ جيئن تون چئين ٿو حقيقت) اهڙي ريت (آهي) (پر) تنهن جو رب چوي ٿو تہ هيءَ (ڳالهہ) مون لاءِ آسان آهي ۽ (ڏس تہ) مان توکي هن کان پهرين پيدا ڪري چڪو آهيان جيتوڻيڪ تون ڪجهہ بہ نہ هئين.

قَالَ رَبِّ اجْعَلْ لِّيْٓ اٰيَةً ۚ قَالَ اٰيَتُكَ اَلَّا تُكَلِّمَ النَّاسَ ثَلٰثَ لَيَالٍ سَوِيًّا ۝١١

١١ـ (زڪريا) چيو اي منهنجا رب! منهن جي لاءِ ڪو حڪم فرماءِ ـ فرمايائين تنهن جي لاءِ هي حڪم آهي تہ تون ماڻهن سان ٽي راتيون لاڳيتو نہ ڳالهاءِ.

فَخَرَجَ عَلٰى قَوْمِهٖ مِنَ الْمِحْرَابِ فَاَوْحٰٓى اِلَيْهِمْ اَنْ سَبِّحُوْا بُكْرَةً وَّعَشِيًّا ۝١٢

١٢ـ انهيءَ ڪانپوءِ (زڪريا) محراب مان نڪري پنهنجي قوم وٽ ويو ۽ انهن کي آهستي آواز ۾ چيائين تہ صبح ۽ شام خدا جي تسبيح ڪندا رهو.

يٰيَحْيٰى خُذِ الْكِتٰبَ بِقُوَّةٍ ۗ وَاٰتَيْنٰهُ الْحُكْمَ صَبِيًّا ۝١٣

١٣ـ (انهيءَ ڪانپوءِ يحيٰ پيدا ٿي ويو ۽ اسان انهيءَ کي چيو) اي يحيٰ تون (الاهي) ڪتاب کي مضبوطيءَ سان پڪڙي

جوانيءَ جي عمر کي پهچندو).

قَالَتْ اَنّٰى يَكُوْنُ لِيْ غُلٰمٌ وَّلَمْ يَمْسَسْنِيْ بَشَرٌ وَّ
لَمْ اَكُ بَغِيًّا ﴿٢٠﴾

٢١. (مريم) چيو ـ مونکي نينگر ڪٿان ٿيندو جيتوڻيڪ اڄ تائين مونکي ڪنهن مرد هٿ نه لاتو آهي ـ ۽ نه مان ڪڏهن بدڪاريءَ ۾ مبتلا ٿي آهيان.

قَالَ كَذٰلِكِ قَالَ رَبُّكِ هُوَ عَلَيَّ هَيِّنٌ وَلِنَجْعَلَهٗٓ اٰيَةً
لِّلنَّاسِ وَرَحْمَةً مِّنَّا وَكَانَ اَمْرًا مَّقْضِيًّا ﴿٢١﴾

٢٢. (فرشتي) چيو (ڳالهه) اهڙيءَ ريت آهي (جيئن تو چئي آهي پر) تنهن جي رب هي چيو آهي ته اهو (ڪم) منهن جي لاءِ آسان آهي ۽ (اسان انهيءَ لاءِ هي نينگر پيدا ڪنداسين) ته انهيءَ کي ماڻهن لاءِ هڪ نشان ناهيون ۽ پنهن جي طرفان رحمت (جو سبب به بڻايون) ۽ هي (امر) اسانجي تقدير ۾ طيءِ ٿي چڪو آهي.

فَحَمَلَتْهُ فَانْتَبَذَتْ بِهٖ مَكَانًا قَصِيًّا ﴿٢٢﴾

٢٣. انهيءَ تي مريم (پنهنجي پيٽ ۾ انهيءَ ٻار) کي کنيو ۽ پوءِ انهيءَ کي کڻي هڪ پرانهين جڳهه ڏانهن هلي وئي.

فَاَجَآءَهَا الْمَخَاضُ اِلٰى جِذْعِ النَّخْلَةِ
قَالَتْ يٰلَيْتَنِيْ مِتُّ قَبْلَ هٰذَا وَكُنْتُ
نَسْيًا مَّنْسِيًّا ﴿٢٣﴾

٢٤. پوءِ (جڏهين اها اتي پهتي ته) انهيءَ کي ويم جو سور (ٿيو ۽ انهيءَ کي) مجبور ڪري هڪ کجيءَ جي ٿڙ ڏانهن وٺي ويو (جڏهين مريم کي يقين ٿي ويو ته انهيءَ کي ٻار ٿيڻ وارو آهي ته انهي دنيا جي ماڻهن جو خيال ڪري) چيو ـ اي ڪاش! مان انهيءَ کان پهرين مري وڃان ها ۽ منهن جي ياد ئي مٽجي وڃي ها.

فَنَادٰىهَا مِنْ تَحْتِهَآ اَلَّا تَحْزَنِيْ قَدْ جَعَلَ رَبُّكِ
تَحْتَكِ سَرِيًّا ﴿٢٤﴾

٢٥. پوءِ (فرشتي) انهيءَ کي هيٺائين طرف کان سڏي چيو ته (اي عورت) غم نه ڪر الله تو کان هيٺاهين طرف هڪ چشمو وهايو آهي (انهيءَ ڏانهن وڃ ۽ پنهن جي ۽ ٻار جي صفائي ڪر).

وَهُزِّيْٓ اِلَيْكِ بِجِذْعِ النَّخْلَةِ تُسٰقِطْ عَلَيْكِ رُطَبًا

٢٦. ۽ (اها) کجي (جيڪا تنهن جي ويجهو

جَنِيًّا ﴿٢٦﴾

هوندي انهيءَ) جي ناري کي پڪڙي پنهن جي طرف لوڏ اها توتي تازه ترين ميوو ڪيرائيندي.

فَكُلِي وَاشْرَبِي وَقَرِّي عَيْنًا ۖ فَإِمَّا تَرَيِنَّ مِنَ الْبَشَرِ أَحَدًا فَقُولِي إِنِّي نَذَرْتُ لِلرَّحْمَٰنِ صَوْمًا فَلَنْ أُكَلِّمَ الْيَوْمَ إِنْسِيًّا ﴿٢٧﴾

٢٧. پوءِ (انهي کي) کاءَ ۽ (چشمي مان پاڻي بہ) پيءَ ۽ (پاڻ وهنجي ۽ ٻار کي وهنجاري) پنهن جون اکيون ٺڏيون ڪر ۽ جيڪڏهن (انهيءَ عرصي ۾) تون ڪنهن مرد کي ڏسين تہ چؤ، مون رحمان (خدا) جي لاءِ (هڪ) روزي جو نذر ڪيو آهي پوءِ مان اڄ ڪنهن انسان سان نہ ڳالهائيندس.

فَأَتَتْ بِهِ قَوْمَهَا تَحْمِلُهُ ۖ قَالُوا يَا مَرْيَمُ لَقَدْ جِئْتِ شَيْئًا فَرِيًّا ﴿٢٨﴾

٢٨. انهيءَ کانپوءِ هوءَ هن کي کڻي پنهن جي قوم ڏانهن سوار ڪرائي آئي جن چيو اي مريم! تو ڏاڍو برو ڪم ڪيو آهي.

يَا أُخْتَ هَارُونَ مَا كَانَ أَبُوكِ امْرَأَ سَوْءٍ وَمَا كَانَتْ أُمُّكِ بَغِيًّا ﴿٢٩﴾

٢٩. اي هارون جي ڀيڻ! تنهن جو پيءُ تہ برو ماڻهو نہ هو، ۽ تنهن جي ماءُ بہ بدڪار نہ هئي.

فَأَشَارَتْ إِلَيْهِ ۖ قَالُوا كَيْفَ نُكَلِّمُ مَنْ كَانَ فِي الْمَهْدِ صَبِيًّا ﴿٣٠﴾

٣٠. انهيءَ تي هن انهيءَ (ٻار) ڏانهن اشارو ڪيو، انهيءَ تي ماڻهن چيو، اسان هن سان ڪهڙي طرح ڳالهيون ڪيون.جيڪو (ڪالهہ تائين) پينگهي ۾ ويهڻ وارو ٻار هو.

قَالَ إِنِّي عَبْدُ اللَّهِ آتَانِيَ الْكِتَابَ وَجَعَلَنِي نَبِيًّا ﴿٣١﴾

٣١. (هي ٻڌي مريم جي پٽ) چيو تہ مان الله جو ٻانهون آهيان ۽ هن مونکي ڪتاب بخشيو آهي ۽ مونکي نبي بنايو آهي.

وَجَعَلَنِي مُبَارَكًا أَيْنَ مَا كُنْتُ وَأَوْصَانِي بِالصَّلَاةِ وَالزَّكَاةِ مَا دُمْتُ حَيًّا ﴿٣٢﴾

٣٢. ۽ مان جٿي بہ هجان انهيءَ مونکي بابرڪت (وجود) بنايو آهي ۽ جيستائين مان زندهہ آهيان مونکي نماز ۽ زڪوات جو تاڪيد ڪيو آهي.

وَبَرًّا بِوَالِدَتِي وَلَمْ يَجْعَلْنِي جَبَّارًا شَقِيًّا ﴿٣٣﴾

٣٣. ۽ مونکي پنهن جي والده سان نيڪ سلوڪ ڪرڻ وارو بڻايو آهي ۽ مونکي ظالم ۽ بدبخت نہ بنايو.

وَالسَّلٰمُ عَلَيَّ يَوْمَ وُلِدْتُّ وَيَوْمَ اَمُوْتُ وَيَوْمَ اُبْعَثُ حَيًّا ﴿٣٣﴾

٣٤- ۽ جنهن ڏينهن مان پيدا ٿيو هوس انهيءَ ڏينهن به مونتي سلامتي نازل ٿي هئي ۽ جڏهين مان مرندس، ۽ جڏهين مونکي زنده ڪري اٿاريو ويندو (انهيءَ وقت به مونتي سلامتي نازل ڪئي ويندي).

ذٰلِكَ عِيْسَى ابْنُ مَرْيَمَ ۚ قَوْلَ الْحَقِّ الَّذِيْ فِيْهِ يَمْتَرُوْنَ ﴿٣٤﴾

٣٥- (ڏسو) هي (حقيقي) عيسيٰ بن مريم آهي ۽ هي (انهيءَ جو اصل) سچو واقعو آهي جنهن ۾ اهي (ماڻهو) اختلاف ڪري رهيا آهن.

مَا كَانَ لِلّٰهِ اَنْ يَّتَّخِذَ مِنْ وَّلَدٍ ۙ سُبْحٰنَهٗ ۚ اِذَا قَضٰى اَمْرًا فَاِنَّمَا يَقُوْلُ لَهٗ كُنْ فَيَكُوْنُ ﴿٣٥﴾

٣٦- خدا جي شان جي اهو خلاف آهي تہ اهو ڪنهن کي پٽ بنائي هو انهيءَ ڳالهہ کان پاڪ آهي. اهو جڏهين بہ ڪنهن ڳالهہ جو فيصلو ڪندو آهي تہ چوندو آهي (ائين) ٿيندو وڃي، تہ ائين ئي ٿيڻ لڳندو آهي (پوءِ انهيءَ کي مدد جي لاءِ پٽ بنائڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي).

وَاِنَّ اللّٰهَ رَبِّيْ وَرَبُّكُمْ فَاعْبُدُوْهُ ۚ هٰذَا صِرَاطٌ مُّسْتَقِيْمٌ ﴿٣٦﴾

٣٧- ۽ الله منهن جو بہ رب آهي ۽ توهانجو بہ رب آهي - انهيءَ جي عبادت ڪيو. اهوئي سڌو رستو آهي.

فَاخْتَلَفَ الْاَحْزَابُ مِنْۢ بَيْنِهِمْ ۚ فَوَيْلٌ لِّلَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْ مَّشْهَدِ يَوْمٍ عَظِيْمٍ ﴿٣٧﴾

٣٨- پر مختلف گروهن پاڻ ۾ اختلاف ڪيو. (۽ سچائي کي ڇڏي ڏنو) پوءِ جن ماڻهن هڪ وڏي ڏينهن ۾ حاضر ٿيڻ جو انڪار ڪيو انهن تي عذاب نازل ٿيندو.

اَسْمِعْ بِهِمْ وَاَبْصِرْ ۙ يَوْمَ يَاْتُوْنَنَا لٰكِنِ الظّٰلِمُوْنَ الْيَوْمَ فِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ ﴿٣٨﴾

٣٩- جنهن ڏينهن اهي اسانجي حضور ۾ حاضر ٿيندا، انهيءَ ڏينهن انهن جي ٻڌڻ جي طاقت ڏاڍي تيز هوندي ۽ نظر بہ ڏاڍي تيز هوندي پر اهي ظالم اڄ ڏاڍي وڏي گمراهيءَ ۾ مبتلا آهن.

وَاَنْذِرْهُمْ يَوْمَ الْحَسْرَةِ اِذْ قُضِيَ الْاَمْرُ ۘ وَهُمْ

٤٠- ۽ انهن کي انهيءَ ڏينهن کان ڊيڄار جنهن ڏينهن (افسوس ۽) مايوسي ڇانيل

فِیْ غَفْلَةٍ وَّهُمْ لَا يُؤْمِنُوْنَ ﴿٣٩﴾

هوندي (يعني قيامت جي ڏينهن کان) جڏهين سڀني معاملن جو فيصلو ٿي ويندو ۽ (هاڻي تہ) هي ماڻهو غفلت ۾ (پيل) آهن ۽ ايمان نٿا آڻين.

اِنَّا نَحْنُ نَرِثُ الْاَرْضَ وَمَنْ عَلَيْهَا وَاِلَيْنَا يُرْجَعُوْنَ ﴿٤٠﴾ ع٥

٤١. اسان يقينن (سڄي) زمين جا بہ وارث هونداسين ۽ انهن ماڻهن جا بہ جيڪي انهيءَ تي رهن ٿا ۽ (آخرڪار) سڀئي ماڻهو اسانڏانهن ئي موٽائي آندا ويندا.

وَاذْكُرْ فِی الْكِتٰبِ اِبْرٰهِيْمَ ۬ اِنَّهٗ كَانَ صِدِّيْقًا نَّبِيًّا ﴿٤١﴾

٤٢. ۽ تون قرآن ڪريم جي مطابق ابراهيم جو ذڪر ڪر. اهو يقينن وڏو سچار هو ۽ نبي هو.

اِذْ قَالَ لِاَبِيْهِ يٰۤاَبَتِ لِمَ تَعْبُدُ مَا لَا يَسْمَعُ وَلَا يُبْصِرُ وَلَا يُغْنِیْ عَنْكَ شَيْـًٔا ﴿٤٢﴾

٤٣. (۽ تون انهي وقت کي بہ ياد ڪر - ۽ ماڻهن جي سامهون بيان ڪر) جڏهين ابراهيم پنهن جي پيءُ کي چيو هو تہ اي منهنجا پيءُ ! تون ڇو انهن شين جي پوڄا ڪرينٿو جيڪي نہ ٻڌن ٿيون ۽ نہ ڏسن ٿيون ۽ نہ تنهن جي ڪنهن تڪليف کي دور ڪرڻ تي قادر آهن.

يٰۤاَبَتِ اِنِّیْ قَدْ جَآءَنِیْ مِنَ الْعِلْمِ مَا لَمْ يَاْتِكَ فَاتَّبِعْنِیْۤ اَهْدِكَ صِرَاطًا سَوِيًّا ﴿٤٣﴾

٤٤. اي منهنجا پيءُ ! مونکي هڪ خاص علم عطا ڪيو ويو آهي جو تو کي نہ مليو آهي پوءِ (باوجود انهيءَ جي جو مان تنهن جو پٽ آهيان) تون منهن جي پيروي ڪر. مان توکي سنئون رستو ڏيکاريندس.

يٰۤاَبَتِ لَا تَعْبُدِ الشَّيْطٰنَ ؕ اِنَّ الشَّيْطٰنَ كَانَ لِلرَّحْمٰنِ عَصِيًّا ﴿٤٤﴾

٤٥. اي منهنجا پيءُ ! شيطان جي عبادت نہ ڪر. شيطان يقينن رحمان خدا جو نافرمان آهي.

يٰۤاَبَتِ اِنِّیْۤ اَخَافُ اَنْ يَّمَسَّكَ عَذَابٌ مِّنَ الرَّحْمٰنِ فَتَكُوْنَ لِلشَّيْطٰنِ وَلِيًّا ﴿٤٥﴾

٤٦. اي منهنجا پيءُ ! مان ڊڄانٿو تہ توتي رحمان خدا جي طرفان (نافرمانيءَ جي سببان) ڪو عذاب نہ اچي جنهن جي نتيجي ۾ تون شيطان جو دوست ٿي وڃين.

قَالَ اَرَاغِبٌ اَنْتَ عَنْ اٰلِهَتِیْ یٰۤاِبْرٰهِیْمُ ۚ لَىِٕنْ لَّمْ
تَنْتَهِ لَاَرْجُمَنَّكَ وَاهْجُرْنِیْ مَلِیًّا ﴿۴۶﴾

۴۷. انهيءَ تي (ابراهيم جي پيءُ) چيو اي ابراهيم ! ڇا تون منهنجي معبودن کان نفرت ٿو ڪرين؟ اي ابراهيم ! جيڪڏهن تون باز نه ايندين ته مان توکي ضرور سنگسار ڪري ڇڏيندس ۽ (بهتر آهي ته) تون ڪجهه دير لاءِ منهن جي نظرن کان ٽري وڃ (متان ڪاوڙ ۾ ڪجهه ڪري نه ويهان).

قَالَ سَلٰمٌ عَلَیْكَ ۚ سَاَسْتَغْفِرُ لَكَ رَبِّیْ ؕ اِنَّهٗ كَانَ بِیْ
حَفِیًّا ﴿۴۷﴾

۴۸. (انهيءَ تي ابراهيم) چيو ڇڱو منهن جي طرفان توتي هميشه سلامتيءَ جي دعا پهچندي رهي (يعني مان توکان جدا ٿي ٿو وڃان) مان پنهن جي رب کان تنهن جي لاءِ ضرور مغفرت جي دعا ڪندس. اهو مونتي ڏاڍو مهربان آهي.

وَاَعْتَزِلُكُمْ وَمَا تَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ وَاَدْعُوْا
رَبِّیْ ۖ٘ عَسٰۤى اَلَّاۤ اَكُوْنَ بِدُعَآءِ رَبِّیْ شَقِیًّا ﴿۴۸﴾

۴۹. ۽ (اي پيءُ) مان توکي ۽ جن (وجودن) کي تون الله کانسواءِ پڪارين ٿو سڀني کي ڇڏي ڏيندس ۽ صرف پنهن جي رب جي حضور ۾ دعائون گهرندس (۽) يقينن مان پنهنجي رب جي حضور ۾ دعا ڪرڻ جي سبب بدنصيب نه ٿيندس.

فَلَمَّا اعْتَزَلَهُمْ وَمَا یَعْبُدُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ ۙ
وَهَبْنَا لَهٗۤ اِسْحٰقَ وَیَعْقُوْبَ ؕ وَكُلًّا جَعَلْنَا
نَبِیًّا ﴿۴۹﴾

۵۰. پوءِ جڏهين (ابراهيم) انهن (يعني پنهن جي ماڻهن) کان به ۽ جن جي اهي الله کانسواءِ پوڄا ڪندا هئا (انهن کان به) جدا ٿي ويو ته اسان انهيءَ کي اسحاق ۽ (انهيءَ کانپوءِ) يعقوب عطا فرمايا ۽ انهن سڀني کي اسان نبي بنايو.

وَوَهَبْنَا لَهُمْ مِّنْ رَّحْمَتِنَا وَجَعَلْنَا لَهُمْ لِسَانَ
صِدْقٍ عَلِیًّا ﴿۵۰﴾ ع

۵۱. ۽ اسان انهن کي پنهنجي رحمت مان هڪ (جهجو) حصو عطا فرمايو ۽ اسان انهن جي لاءِ هميشه قائم رهڻ وارو اعليٰ درجي جو ذڪر خير مقرر فرمايو.

وَاذْكُرْ فِی الْكِتٰبِ مُوْسٰۤى ۙ اِنَّهٗ كَانَ مُخْلَصًا وَّكَانَ

۵۲. ۽ تون قرآن جي مطابق موسيٰ جو به

رَسُوْلًا نَّبِيًّا ﴿٥٢﴾

ذ کر ڪر ـ اهو اسانجو چونڊيل ٻانهو هو ـ ۽ رسول (۽) نبي هو.

وَ نَادَيْنٰهُ مِنْ جَانِبِ الطُّوْرِ الْاَيْمَنِ وَ قَرَّبْنٰهُ نَجِيًّا ﴿٥٣﴾

٥٣ـ ۽ اسان موسيٰ کي طور جي ساڄي طرف کان پڪاريو ۽ کيس پنهنجا اسرار ٻڌائيندي پنهن جي ويجهو ڪري ورتو.

وَ وَهَبْنَا لَهٗ مِنْ رَّحْمَتِنَاۤ اَخَاهُ هٰرُوْنَ نَبِيًّا ﴿٥٤﴾

٥٤ـ ۽ اسان انهيءَ (موسيٰ) کي پنهن جي رحمت سان انهيءَ جو ڀاءُ هارون نبي بنائي (مددگار طور) ڏنو.

وَ اذْكُرْ فِي الْكِتٰبِ اِسْمٰعِيْلَ اِنَّهٗ كَانَ صَادِقَ الْوَعْدِ وَ كَانَ رَسُوْلًا نَّبِيًّا ﴿٥٥﴾

٥٥ـ ۽ تون قرآن جي مطابق اسماعيل جو بہ ذڪر ڪر, اهو بہ يقيڻ سچن واعدن وارو هو ۽ رسول (۽) نبي هو.

وَ كَانَ يَاْمُرُ اَهْلَهٗ بِالصَّلٰوةِ وَ الزَّكٰوةِ وَ كَانَ عِنْدَ رَبِّهٖ مَرْضِيًّا ﴿٥٦﴾

٥٦ـ ۽ پنهن جي اهل کي نماز ۽ زڪوات جو تاڪيد ڪندو رهندو هو ۽ پنهن جي رب وٽ چونڊيل (وجود) هو.

وَ اذْكُرْ فِي الْكِتٰبِ اِدْرِيْسَ اِنَّهٗ كَانَ صِدِّيْقًا نَّبِيًّا ﴿٥٧﴾

٥٧ـ ۽ تون قرآن جي مطابق ادريس جو بہ ذڪر ڪر, اهو بہ صديق نبي هو.

وَّ رَفَعْنٰهُ مَكَانًا عَلِيًّا ﴿٥٨﴾

٥٨ـ ۽ اسان انهي کي نهايت اعليٰ مقام تي پهچايو هو.

اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ اَنْعَمَ اللّٰهُ عَلَيْهِمْ مِّنَ النَّبِيّٖنَ مِنْ ذُرِّيَّةِ اٰدَمَ وَ مِمَّنْ حَمَلْنَا مَعَ نُوْحٍ وَّ مِنْ ذُرِّيَّةِ اِبْرٰهِيْمَ وَ اِسْرَآءِيْلَ وَ مِمَّنْ هَدَيْنَا وَ اجْتَبَيْنَا اِذَا تُتْلٰى عَلَيْهِمْ اٰيٰتُ الرَّحْمٰنِ خَرُّوْا سُجَّدًا وَّ بُكِيًّا ﴿٥٩﴾ سجدة

٥٩ـ هي سيئي اهي ماڻهو هئا, جن تي خدا نبين مان انعام ڪيو هو ـ انهن (نبين) مان جيڪي آدم جو اولاد هئا ۽ جيڪي انهن ماڻهن جو اولاد هئا جن کي اسان نوح سان گڏ ٻيڙيءَ ۾ بچايو ۽ ابراهيم ۽ يعقوب جو (اولاد هئا) ۽ انهن (ماڻهن) مان هئا جنکي اسان هدايت ڏني ۽ پنهن جي لاءِ چونڊيا. جڏهن انهن تي رحمان جو ڪلام پڙهيو ويندو هو تہ اهي سجدو ڪندي ۽ روئندي (زمين تي) ڪري پوندا هئا.

فَخَلَفَ مِنْۢ بَعْدِهِمْ خَلْفٌ اَضَاعُوا الصَّلٰوةَ وَ اتَّبَعُوا

٦٠ـ پوءِ انهن کانپوءِ هڪ اهڙو نسل آيو جن نماز کي ضايع ڪري ڇڏيو ۽ نفسياتي

الشَّهَوٰتِ فَسَوْفَ يَلْقَوْنَ غَيًّا ﴿٥٩﴾

خواهشن جي پـٺيان لڳي پيا. پوءِ اهي جلد
ني گمراهي جي حد تائين پهچي ويندا.

إِلَّا مَنْ تَابَ وَاٰمَنَ وَعَمِلَ صَالِحًا فَأُولٰٓئِكَ يَدْخُلُوْنَ
الْجَنَّةَ وَلَا يُظْلَمُوْنَ شَيْئًا ﴿٦٠﴾

٦١- سواءِ انهيءَ جي جيڪو توبہ ڪندو ۽
ايمان آڻيندو ۽ نيڪ عمل ڪندو. اهي
(ماڻهو) جنت ۾ داخل ٿيندا ۽ انهن تي
ڪوبہ ظلم نہ ڪيو ويندو.

جَنّٰتِ عَدْنِ ِالَّتِيْ وَعَدَ الرَّحْمٰنُ عِبَادَهٗ بِالْغَيْبِ
إِنَّهٗ كَانَ وَعْدُهٗ مَأْتِيًّا ﴿٦١﴾

٦٢- (يعني انهن جنتن ۾) جيڪي دائمي رهڻ
واريون آهن ۽ جن جو (خدا ۽) رحمان پنهن
جي ٻانهن سان اهڙي وقت ۾ واعدو ڪيو آهي
جڏهين اهي انهن جي نظرن کان اجا لڪل
آهن. يقينن خدا جو واعدو پورو ٿي
رهيڻو.

لَا يَسْمَعُوْنَ فِيْهَا لَغْوًا إِلَّا سَلٰمًا وَلَهُمْ رِزْقُهُمْ فِيْهَا
بُكْرَةً وَّعَشِيًّا ﴿٦٢﴾

٦٣- اهي انهن (جنتن) ۾ ڪابہ بيهودي
ڳالهہ نہ ٻڌندا پر صرف سلامتي (۽ امن
جون ڳالهيون ٻڌندا) ۽ انهن (جنتن) ۾ انهن
کي صبح ۽ شام رزق ملندو.

تِلْكَ الْجَنَّةُ الَّتِيْ نُوْرِثُ مِنْ عِبَادِنَا مَنْ كَانَ
تَقِيًّا ﴿٦٣﴾

٦۴- هي اها جنت آهي جنهن جا وارث اسان
پنهن جي ٻانهن مان انهن کي ڪنداسين
جيڪي متقي هوندا.

وَمَا نَتَنَزَّلُ إِلَّا بِأَمْرِ رَبِّكَ لَهٗ مَا بَيْنَ أَيْدِيْنَا وَمَا
خَلْفَنَا وَمَا بَيْنَ ذٰلِكَ وَمَا كَانَ رَبُّكَ نَسِيًّا ﴿٦٤﴾

٦٥- ۽ (فرشتا انهن کي چوندا تہ) اسان تہ
صرف توهانجي رب جي حڪم سان لهون ٿا ۽
جيڪي ڪجهہ اسانجي اڳيان آهي ۽ جيڪي
ڪجهہ اسانجي پويان آهي ۽ جيڪي ڪجهہ
انهن ٻنهي (طرفن) جي وچ ۾ آهي سڀ
ڪجهہ خدا جو آهي ۽ توهانجو رب وسارڻ
وارو نہ آهي.

رَبُّ السَّمٰوٰتِ وَالْأَرْضِ وَمَا بَيْنَهُمَا فَاعْبُدْهُ وَاصْطَبِرْ
لِعِبَادَتِهٖ هَلْ تَعْلَمُ لَهٗ سَمِيًّا ﴿٦٥﴾ ع

٦٦- (هو) آسمانن جو (بہ) رب آهي ۽ زمين
جو بہ (رب) ۽ جيڪي ڪجهہ انهن ٻنهي
جي وچ ۾ (آهي) پوءِ (اي مسلمان) انهيءِ
جي عبادت ڪر ۽ انهيءَ جي عبادت تي

هميشه قائم رهـ - چا تون انهيءَ جو ڪو هم صفت ڄاڻين ٿو.

وَيَقُولُ الْإِنسَانُ ءَإِذَا مَا مِتُّ لَسَوْفَ أُخْرَجُ حَيًّا ﴿٦٦﴾

٦٦. ۽ انسان هميشه اهو چوندو رهندو تہ چا جڏهين مان مري ويندوس تہ وري زنده ڪري اٿاريو ويندس؟

أَوَلَا يَذْكُرُ الْإِنسَانُ أَنَّا خَلَقْنَاهُ مِن قَبْلُ وَلَمْ يَكُ شَيْئًا ﴿٦٧﴾

٦٧. چا انسان کي اها (ڳالهہ) ياد نہ آهي تہ اسان انهيءَ کي هن کان پهرين پيدا ڪيو هو ۽ (انهيءَ وقت) هو ڪابہ شئي نہ هو.

فَوَرَبِّكَ لَنَحْشُرَنَّهُمْ وَالشَّيَاطِينَ ثُمَّ لَنُحْضِرَنَّهُمْ حَوْلَ جَهَنَّمَ جِثِيًّا ﴿٦٨﴾

٦٨. پوءِ تنهنجي رب جو قسم اسان (جو تنهن جو رب آهيون) انهن ماڻهن کي (وري هڪ دفعو) اٿارينداسين ۽ شيطان کي بہ (اٿارينداسين ۽) پوءِ انهن سڀني کي جهنم جي چوڌاري اهڙي صورت ۾ حاضر ڪنداسين جو اهي گوڏن ڀر ڪريل هوندا.

ثُمَّ لَنَنزِعَنَّ مِن كُلِّ شِيعَةٍ أَيُّهُمْ أَشَدُّ عَلَى الرَّحْمَٰنِ عِتِيًّا ﴿٦٩﴾

٦٩. ۽ پوءِ اسان هر هڪ گروهہ مان اهڙن ماڻهن کي جدا ڪنداسين جيڪي رحمان (خدا) جا سخت دشمن هئا.

ثُمَّ لَنَحْنُ أَعْلَمُ بِالَّذِينَ هُمْ أَوْلَىٰ بِهَا صِلِيًّا ﴿٧٠﴾

٧٠. ۽ اسان خوب ڄاڻون ٿا تہ انهن مان ڪير دوزخ ۾ وڃڻ جي زياده قابل آهن.

وَإِن مِّنكُمْ إِلَّا وَارِدُهَا ۚ كَانَ عَلَىٰ رَبِّكَ حَتْمًا مَّقْضِيًّا ﴿٧١﴾

٧١. توهان مان هر شخص انهيءَ (دوزخ) ۾ وڃڻ وارو آهي. اهو خدا جو اهڙو پڪو واعدو آهي جو پورو ٿي رهندو.

ثُمَّ نُنَجِّي الَّذِينَ اتَّقَوا وَّنَذَرُ الظَّالِمِينَ فِيهَا جِثِيًّا ﴿٧٢﴾

٧٢. ۽ اسان متقين کي بچائي وٺنداسين ۽ ظالمن کي انهيءَ ۾ گوڏن ڀر ڪريل ڇڏينداسين.

وَإِذَا تُتْلَىٰ عَلَيْهِمْ آيَاتُنَا بَيِّنَاتٍ قَالَ الَّذِينَ كَفَرُوا لِلَّذِينَ آمَنُوا أَيُّ الْفَرِيقَيْنِ خَيْرٌ مَّقَامًا وَأَحْسَنُ نَدِيًّا ﴿٧٣﴾

٧٣. ۽ جڏهين انهن کي اسانجون صاف صاف آيتون پڙهي ٻڌايون وڃن ٿيون تہ ڪافر مومنن کي چون ٿا (ٻڌايو تہ) اسان ٻنهي گروهن مان ڪهڙو گروهہ درجي جي لحاظ کان ۽ ساٿين جي لحاظ کان وڌيڪ سٺو آهي.

وَكَمْ أَهْلَكْنَا قَبْلَهُمْ مِّنْ قَرْنٍ هُمْ أَحْسَنُ أَثَاثًا وَّرِءْيًا ﴿٧٥﴾

٧٥ ۽ اسان انهن کان پهرين ڪيترن ئي زمانن جي ماڻهن کي تباهہ ڪيو آهي جيڪي سامان جي لحاظ کان ۽ ظاهري شان شوڪت جي لحاظ کان انهن ماڻهن کان سٺا هئا.

قُلْ مَنْ كَانَ فِي الضَّلَالَةِ فَلْيَمْدُدْ لَهُ الرَّحْمَٰنُ مَدًّا ۚ حَتَّىٰ إِذَا رَأَوْا مَا يُوعَدُونَ إِمَّا الْعَذَابَ وَإِمَّا السَّاعَةَ فَسَيَعْلَمُونَ مَنْ هُوَ شَرٌّ مَّكَانًا وَّأَضْعَفُ جُنْدًا ﴿٧٦﴾

٧٦ تون چؤ تہ جيڪو شخص گمراهيءَ ۾ (پيل) هجي رحمان (خدا) انهي کي هڪ عرصي تائين ڍر ڏيندو ويندو آهي - ايستائين جو جڏهين اهڙن ماڻهن جي سامهون اهو عذاب اچي ويندو جنهن جو انهن سان واعدو ڪيو ويو هو (يعني) يا دنيوي عذاب يا (قومي) ڪامل تباهي. انهيءَ وقت انهن کي خبر پوندي تہ ڪهڙو شخص مڪان جي لحاظ کان بدتر آهي ۽ دوستن جي لحاظ کان ڪمزور آهي.

وَيَزِيدُ اللَّهُ الَّذِينَ اهْتَدَوْا هُدًى ۗ وَالْبَاقِيَاتُ الصَّالِحَاتُ خَيْرٌ عِنْدَ رَبِّكَ ثَوَابًا وَّخَيْرٌ مَّرَدًّا ﴿٧٧﴾

٧٧ ۽ الله هدايت يافتہ ماڻهن کي هدايت ۾ وڌائيندو ويندو ۽ باقي رهڻ وارا نيڪ عمل خدا جي نظر ۾ سڀ کان بهتر شيءِ آهن. جزا جي لحاظ کان بہ ۽ پڇاڙيءَ جي لحاظ کان بہ.

أَفَرَأَيْتَ الَّذِي كَفَرَ بِآيَاتِنَا وَقَالَ لَأُوتَيَنَّ مَالًا وَّوَلَدًا ﴿٧٨﴾

٧٨ ڇا تو انهيءَ شخص جي حالت تي ڪڏهين غور نہ ڪيو آهي جنهن اسانجي نشانين کان انڪار ڪيو ۽ چيو تہ مونکي يقينن تمام گهڻو مال ۽ تمام گهڻا پٽ ڏنا ويندا.

أَطَّلَعَ الْغَيْبَ أَمِ اتَّخَذَ عِنْدَ الرَّحْمَٰنِ عَهْدًا ﴿٧٩﴾

٧٩ ڇا انهيءَ غيب (جو حال) معلوم ڪري ورتو آهي؟ يا رحمان (خدا) کان ڪو واعدو وٺي ڇڏيو آهي.

كَلَّا ۚ سَنَكْتُبُ مَا يَقُولُ وَنَمُدُّ لَهُ مِنَ الْعَذَابِ مَدًّا ﴿٨٠﴾

٨٠ ائين هرگز نہ ٿيندو اسان انهيءَ جي انهيءَ قول کي محفوظ رکنداسين ۽ انهيءَ جي

تَكَادُ السَّمٰوٰتُ يَتَفَطَّرْنَ مِنْهُ وَتَنْشَقُّ الْاَرْضُ وَ
تَخِرُّ الْجِبَالُ هَدًّا ﴿٩١﴾

٩١. ويجهو آهي جو (توهانجي انهيءَ ڳالهہ جي ڪري) آسمان ڦاٽي ڪري پون ۽ زمين ٽڪر ٽڪر ٿي وڃي ۽ پهاڙ ذرا ذرا ٿي (زمين تي ) وڃي پون.

اَنْ دَعَوْا لِلرَّحْمٰنِ وَلَدًا ﴿٩٢﴾

٩٢. انهيءَ ڪري جو انهن ماڻهن رحمان (خدا ) جو پٽ بنايو آهي.

وَمَا يَنْۢبَغِيْ لِلرَّحْمٰنِ اَنْ يَّتَّخِذَ وَلَدًا ﴿٩٣﴾

٩٣. ۽ رحمان (خدا) جي شان جي اهو بلڪل خلاف آهي جو هو ڪنهن کي پٽ بنائي.

اِنْ كُلُّ مَنْ فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ اِلَّآ اٰتِي الرَّحْمٰنِ
عَبْدًا ﴿٩٤﴾

٩٤. جو جو هر هڪ جيڪو آسمانن ۽ زمين ۾ آهي اهو رحمان (خدا) جي حضور غلام جي صورت ۾ حاضر ٿيڻ وارو آهي.

لَقَدْ اَحْصٰىهُمْ وَعَدَّهُمْ عَدًّا ﴿٩٥﴾

٩٥. (خدا تعاليٰ) انهن کي گهيري رکيو آهي ۽ ڳڻي رکيو آهي.

وَكُلُّهُمْ اٰتِيْهِ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ فَرْدًا ﴿٩٦﴾

٩٦. ۽ قيامت جي ڏينهن اهي سڀئي اڪيلا ٿي انهيءَ جي خدمت ۾ حاضر ٿيندا.

اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ سَيَجْعَلُ لَهُمُ الرَّحْمٰنُ
وُدًّا ﴿٩٧﴾

٩٧. يقينن اهي ماڻهو جن ايمان آندو آهي ۽ جن نيڪ عمل ڪيا آهن رحمان (خدا) انهن جي لاءِ محبت پيدا ڪندو.

فَاِنَّمَا يَسَّرْنٰهُ بِلِسَانِكَ لِتُبَشِّرَ بِهِ الْمُتَّقِيْنَ وَتُنْذِرَ
بِهٖ قَوْمًا لُّدًّا ﴿٩٨﴾

٩٨. پوءِ اسان تہ هن (قرآن) کي تنهنجي زبان ۾ آسان ڪري لاٿو آهي انهيءَ لاءِ تہ تون هن جي وسيلي متقين کي بشارت ڏين ۽ هن جي ذريعي جهيڙاڪار قوم کي هوشيار ڪرين.

وَكَمْ اَهْلَكْنَا قَبْلَهُمْ مِّنْ قَرْنٍ هَلْ تُحِسُّ مِنْهُمْ
مِّنْ اَحَدٍ اَوْ تَسْمَعُ لَهُمْ رِكْزًا ﴿٩٩﴾ ع ٦

٩٩. ۽ ڪيترين ئي امتون آهن جيڪي انهن کان پهرين گذريون آهن جنکي اسان تباهہ ڪري چڪا آهيون. ڇا تون انهن مان ڪنهن کي بہ ڪنهن حواس جي ذريعي محسوس ڪرينٿو يا انهن جو ڪو پڙڪو بہ ٻڌينٿو.

سُوْرَةُ طٰهٰ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ مَعَ الْبَسْمَلَةِ مِائَةٌ وَّسِتٌّ وَّثَلٰثُوْنَ اٰيَةً وَّثَمَانِيَةُ رُكُوْعَاتٍ

سورت طٰهٰ - هي سورت مڪي آهي ۽ بسم الله سميت هن جون هڪ سو ڇٽيهه آيتون ۽ اٺ رڪوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ①

١. (مان) الله جو نالو وٺي جيڪو بيحد ڪرم ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي (پڙهانٿو)

طٰهٰ ②

٢. اي ڪامل قوتن وارا مرد.

مَآ اَنْزَلْنَا عَلَيْكَ الْقُرْاٰنَ لِتَشْقٰٓى ③

٣. اسان توتي (هي) قرآن انهيءَ لاءِ نازل نه ڪيو آهي ته تون ڏک ۾ پئجي وڃين.

اِلَّا تَذْكِرَةً لِّمَنْ يَّخْشٰى ④

٤. (هيءَ ته) صرف (خدا کان) ڊڄڻ واري انسان جي رهنمائي ۽ هدايت (جي لاءِ) آهي.

تَنْزِيْلًا مِّمَّنْ خَلَقَ الْاَرْضَ وَالسَّمٰوٰتِ الْعُلٰى ⑤

٥. (قرآن) انهيءَ جي طرفان لاٿو ويو آهي جنهن زمين ۽ اوچن آسمانن کي پيدا ڪيو آهي

اَلرَّحْمٰنُ عَلَى الْعَرْشِ اسْتَوٰى ⑥

٦. (اهو) رحمان (آهي جيڪو) عرش تي مستحڪم طور تي قائم ٿي ويو آهي.

لَهٗ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ وَمَا بَيْنَهُمَا وَمَا تَحْتَ الثَّرٰى ⑦

٧. آسمانن ۽ زمين ۾ جيڪي ڪجهه آهي ۽ اهو به جيڪو انهن ٻنهي جي وچ ۾ آهي انهيءَ جو آهي. پڻ (اهو به) جيڪو آلي مٽيءَ جي هيٺان آهي.

وَاِنْ تَجْهَرْ بِالْقَوْلِ فَاِنَّهٗ يَعْلَمُ السِّرَّ وَاَخْفٰى ⑧

٨. جيڪڏهن تون ڏاڍيان آواز سان ڳالهائين ته خدا انکي به ٻڌيٿو ۽ جيڪڏهن آهستي آواز سان ڳالهائين ته انهيءَ کي ٻڌيٿو جو جو هو ڳجهيءَ ڳالهه کي به ڄاڻيٿو ۽ جيڪا تمام ڏاڍي ڳجهي هوندي آهي (انهيءَ کي به ڄاڻيٿو).

اَللّٰهُ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ لَهُ الْاَسْمَآءُ الْحُسْنٰى ⑨

٩. الله (اها ذات آهي جو انهيءَ) کانسواءِ ڪو معبود ڪونهي انهيءَ جون ڏاڍيون

سنئيون صفتون آهن.

وَهَلْ اَتٰىكَ حَدِيْثُ مُوْسٰى ۝١٠

١٠- ۽ (انهيءَ جي ثابتيءَ لاءِ اسان چئونٿا تہ) ڇا تو وٽ موسيٰ جو واقعو پهتو آهي؟ (يا نہ).

اِذْ رَاٰ نَارًا فَقَالَ لِاَهْلِهِ امْكُثُوْٓا اِنِّيْٓ اٰنَسْتُ نَارًا لَّعَلِّيْٓ اٰتِيْكُمْ مِّنْهَا بِقَبَسٍ اَوْ اَجِدُ عَلَى النَّارِ هُدًى ۝١١

١١- (يعني) جڏهين هن هڪ باهہ ڏٺي تہ هن پنهنجي اهل کي چيو (پنهن جي جاءِ تي) ترسو، مون هڪ باهہ ڏٺي آهي ممڪن آهي جو مان اتي وڃي انهيءَ باهہ مان ڪو ٽانڊو توهان لاءِ بہ کڻي اچان يا باهہ وٽ (پنهن جي لاءِ ڪا روحاني) هدايت حاصل ڪريان.

فَلَمَّآ اَتٰىهَا نُوْدِيَ يٰمُوْسٰى ۝١٢

١٢- پوءِ جڏهين هو انهيءَ (باهہ) جي ويجهو پهتو تہ ڪيس آواز ڏنو ويو تہ اي موسيٰ!.

اِنِّيْٓ اَنَا رَبُّكَ فَاخْلَعْ نَعْلَيْكَ ۚ اِنَّكَ بِالْوَادِ الْمُقَدَّسِ طُوًى ۝١٣

١٣- مان تنهن جو رب آهيان، پوءِ تون پنهنجا ٻئي جوتا لاهي ڇڏ ڇو تہ تون انهيءَ پاڪ وادي طويٰ ۾ آهين.

وَاَنَا اخْتَرْتُكَ فَاسْتَمِعْ لِمَا يُوْحٰى ۝١٤

١٤- ۽ مون توکي (پاڻ لاءِ) چونڊيو آهي پوءِ توڏانهن جيڪا وحي ڪئي وڃي ٿي انهيءَ کي تون ٻڌ (۽ انهيءَ تي عمل ڪر).

اِنَّنِيْٓ اَنَا اللّٰهُ لَآ اِلٰهَ اِلَّآ اَنَا فَاعْبُدْنِيْ ۙ وَاَقِمِ الصَّلٰوةَ لِذِكْرِيْ ۝١٥

١٥- مان يقينن الله آهيان، مونکان سواءِ ڪبہ معبود ڪونهي. پوءِ تون منهن جي ئي عبادت ڪر ۽ منهن جي ذڪر لاءِ نماز قائم ڪر.

اِنَّ السَّاعَةَ اٰتِيَةٌ اَكَادُ اُخْفِيْهَا لِتُجْزٰى كُلُّ نَفْسٍۭ بِمَا تَسْعٰى ۝١٦

١٦- قيامت اچڻ واري آهي، ويجهڙائي ۾ مان انهيءَ کي ظاهر ڪري ڇڏيان، انهيءَ لاءِ تہ هر نفس کي پنهنجي عملن جي مطابق جزا ڏني وڃي.

فَلَا يَصُدَّنَّكَ عَنْهَا مَنْ لَّا يُؤْمِنُ بِهَا وَاتَّبَعَ

١٧- پوءِ جيڪو (شخص) قيامت تي ايمان نٿو رکي ۽ پنهنجي خواهش جي پنيان ٿو هلي

هَوٰىهُ فَتَرْدٰى ⑯

توکي قيامت تي ايمان آڻڻ کان روکي نہ ڇڏي، جنهن جي نتيجي ۾ تون تباهہ ٿي وڃين.

وَ مَا تِلْكَ بِيَمِيْنِكَ يٰمُوْسٰى ⑰

١٨- ۽ (اسان انهيءَ وقت موسيٰ کي چيو تہ) اي موسيٰ هي تنهن جي ساڄي هٿ ۾ ڇا آهي؟.

قَالَ هِيَ عَصَايَ ۚ اَتَوَكَّؤُا عَلَيْهَا وَاَهُشُّ بِهَا عَلٰى غَنَمِيْ وَلِيَ فِيْهَا مَاٰرِبُ اُخْرٰى ⑱

١٩- (هن) چيو هي منهن جي لٺ آهي، مان هن تي ٽيڪ ڏيندو آهيان ۽ انهيءَ سان پنهنجي ٻڪرين لاءِ (وڻن جا) پن ڇاڻيندو آهيان ۽ انهيءَ کانسواءِ بہ انهيءَ ۾ منهن جي لاءِ ٻيا ڪيترا فائدا (لڪل) آهن.

قَالَ اَلْقِهَا يٰمُوْسٰى ⑲

٢٠- تنهن تي انهيءَ (خدا) فرمايو - اي موسيٰ ! هن لٺ کي زمين تي اڇلي ڇڏ.

فَاَلْقٰىهَا فَاِذَا هِيَ حَيَّةٌ تَسْعٰى ⑳

٢١- سو هن انهيءَ کي زمين تي ڦٽو ڪيو. جنهن کانپوءِ هن اوچتو ڏٺو تہ اهو نانگ آهي جيڪو ڊوڙي رهيو آهي.

قَالَ خُذْهَا وَلَا تَخَفْ ٙ سَنُعِيْدُهَا سِيْرَتَهَا الْاُوْلٰى ㉑

٢٢- تنهن تي (الله) فرمايو، انهيءَ کي پڪڙ ۽ ڊڄ نہ اسان انهيءَ کي وري انهيءَ جي پهرين حالت ڏانهن موٽائي ڇڏينداسين.

وَاضْمُمْ يَدَكَ اِلٰى جَنَاحِكَ تَخْرُجْ بَيْضَآءَ مِنْ غَيْرِ سُوْٓءٍ اٰيَةً اُخْرٰى ۙ ㉒

٢٣- ۽ پنهن جي هٿ کي بغل ۾ دٻائي ڇڏ، جڏهين تون انهيءَ کي ڪڍندين تہ اهو اڇو هوندو پر بنان ڪنهن بيماريءَ جي،اهو هڪ ٻيو نشان هوندو.

لِنُرِيَكَ مِنْ اٰيٰتِنَا الْكُبْرٰى ۚ ㉓

٢٤- (۽ اسان اهو انهيءَ لاءِ ڪنداسين) تہ انهيءَ جي نتيجي ۾ اسان توکي پنهنجا وڏي ۾ وڏا نشان ڏيکاريون.

اِذْهَبْ اِلٰى فِرْعَوْنَ اِنَّهٗ طَغٰى ۠ ㉔ ع

٢٥- تون فرعون وٽ وڃ ڇو جو انهيءَ سرڪشي اختيار ڪئي آهي.

قَالَ رَبِّ اشْرَحْ لِيْ صَدْرِيْ ۙ ㉕

٢٦- (انهيءَ تي موسيٰ) چيو اي منهنجا رب!

منهن جو سينو کول.

وَيَسِّرۡ لِيۡۤ اَمۡرِيۡ ﴿٢٦﴾

٢٧. ۽ جيڪو فرض مونتي رکيو ويو آهي انهيءَ جو پورو ڪرڻ مونتي آسان ڪري ڇڏ.

وَاحۡلُلۡ عُقۡدَةً مِّنۡ لِّسَانِيۡ ﴿٢٧﴾

٢٨. ۽ جيڪڏهن منهن جي زبان ۾ ڪا ڳنڍ هجي تہ انهيءَ کي بہ کول.

يَفۡقَهُوۡا قَوۡلِيۡ ﴿٢٨﴾

٢٩. (ايستائين جو) ماڻهو منهن جي ڳالهہ آسانيءَ سان سمجهڻ لڳن.

وَاجۡعَلۡ لِّيۡ وَزِيۡرًا مِّنۡ اَهۡلِيۡ ﴿٢٩﴾

٣٠. ۽ منهن جي گهراڻي مان منهن جو هڪ نائب مقرر ڪر.

هٰرُوۡنَ اَخِي ﴿٣٠﴾

٣١. (يعني) هارون کي جيڪو منهن جو ڀاءُ آهي.

اشۡدُدۡ بِهٖۤ اَزۡرِيۡ ﴿٣١﴾

٣٢. انهيءَ جي ذريعي منهن جي طاقت کي مضبوط ڪر.

وَاَشۡرِكۡهُ فِيۡۤ اَمۡرِيۡ ﴿٣٢﴾

٣٣. ۽ انهيءَ کي منهن جي ڪم ۾ شريڪ ڪر.

كَيۡ نُسَبِّحَكَ كَثِيۡرًا ﴿٣٣﴾

٣٤. انهيءَ لاءِ تہ اسان (ٻئي) تنهنجي گهڻي تسبيح ڪيون.

وَّنَذۡكُرَكَ كَثِيۡرًا ﴿٣٤﴾

٣٥. ۽ تنهن جو گهڻو ذڪر ڪريون.

اِنَّكَ كُنۡتَ بِنَا بَصِيۡرًا ﴿٣٥﴾

٣٦. تون اسانکي چڱيءَ طرح ڏسي رهيو آهين.

قَالَ قَدۡ اُوۡتِيۡتَ سُؤۡلَكَ يٰمُوۡسٰى ﴿٣٦﴾

٣٧. (الله) فرمايو، اي موسيٰ! جيڪي تو گهريو سو توکي ڏنو ويو.

وَلَقَدۡ مَنَنَّا عَلَيۡكَ مَرَّةً اُخۡرٰٓى ﴿٣٧﴾

٣٨. ۽ اسان (انهيءَ کان پهرين) هڪ ڀيرو اڳ بہ توتي احسان ڪري چڪا آهيون.

اِذۡ اَوۡحَيۡنَاۤ اِلٰٓى اُمِّكَ مَا يُوۡحٰٓى ﴿٣٨﴾ اَنِ اقۡذِفِيۡهِ فِي التَّابُوۡتِ فَاقۡذِفِيۡهِ فِي الۡيَمِّ فَلۡيُلۡقِهِ الۡيَمُّ بِالسَّاحِلِ

٣٩.٤٠. جڏهين اسان تنهنجي ماءُ تي وحي جي ذريعي اهو سڀ ڪجهہ نازل ڪري ڇڏيو. جيڪو (اهڙي موقعي تي) نازل ڪرڻ ضروري هو(جنهن جو تفصيل هيءُ آهي) تہ

يَأْخُذْهُ عَدُوٌّ لِّي وَ عَدُوٌّ لَّهٗ ؕ وَ
اَلْقَيْتُ عَلَيْكَ مَحَبَّةً مِّنِّيْ ۚ۬ وَلِتُصْنَعَ
عَلٰى عَيْنِيْ ﴿٣٩﴾

انھيءَ (موسيٰ) کي صندوق ۾ وجهي، پوءِ انھيءَ (صندوق) کي درياهہ ۾ لوڙهي ڇڏ ـ پوءِ (انھي ڪانپوءِ هيئنن ٿئي تہ) درياهہ اسانجي حڪم سان انھيءَ (صندوق) کي ڪناري تائين پهچائي (انھيءَ لاءِ تہ) انھيءَ کي اهو شخص کڻي وڃي جيڪو منھن جو بہ ۽ هن (موسيٰ) جو بہ دشمن آهي ۽ توتي مون پنھنجي طرف کان محبت نازل ڪئي ( يعني تنھن جي لاءِ ماڻھن جي دل ۾ محبت پيدا ڪئي) ۽ انھيءَ جو نتيجو اهو ٿيو جو تون اسانجي اکين اڳيان پاليو وڃين.

اِذْ تَمْشِيْٓ اُخْتُكَ فَتَقُوْلُ هَلْ اَدُلُّكُمْ
عَلٰى مَنْ يَّكْفُلُهٗ ؕ فَرَجَعْنٰكَ اِلٰٓى اُمِّكَ
كَيْ تَقَرَّ عَيْنُهَا وَلَا تَحْزَنَ ۬ؕ وَ قَتَلْتَ
نَفْسًا فَنَجَّيْنٰكَ مِنَ الْغَمِّ وَ فَتَنّٰكَ
فُتُوْنًا ۬ؕ فَلَبِثْتَ سِنِيْنَ فِيْٓ اَهْلِ مَدْيَنَ ۬ ۙ
ثُمَّ جِئْتَ عَلٰى قَدَرٍ يّٰمُوْسٰى ﴿٤٠﴾

٤١ـ (اهو انوقت ٿيو) جڏهين تنھن جي ڀيڻ (ڳڙوڳڙ) هلندي وئي ۽ چوندي وئي ٿي تہ اي انسانو ! ڇا مان توهانکي انھيءَ عورت جي خبر ڏيان جيڪا هنکي پاليندي ۽ اهڙيءَ طرح اسان توکي پنھن جي ماءُ کي موٽائي ڏنو انھيءَ لاءِ تہ انھيءَ جا نيڻ ٺرن ۽ اها غم نہ ڪري ۽ (اي موسيٰ!) تو هڪ شخص کي قتل ڪري ڇڏيو هو ـ پوءِ اسان توکي انھيءَ غم کان نجات بخشي ۽ اسان توکي ٻين ڪيترن امتحانن ۾ وجهي چڱيءَ طرح آزمايو (جنهن ڪانپوءِ) تون ڪيترا سال مدين جي ماڻھن ۾ رهئين ـ پوءِ اي موسيٰ. (ٿيندي ٿيندي) تون انھيءَ عمر کي پهچي وئين جيڪا اسانجي ڪم جي لائق هوندي آهي ـ

وَاصْطَنَعْتُكَ لِنَفْسِيْ ﴿٤١﴾

٤٢ـ ۽ مون توکي پنھنجي ذات جي لاءِ (روحاني ترقي ڏيئي) تيار ڪيو.

اِذْهَبْ اَنْتَ وَ اَخُوْكَ بِاٰيٰتِيْ وَلَا تَنِيَا فِيْ ذِكْرِيْ ﴿٤٢﴾

٤٣ـ(پوءِ جڏهين تون انھيءَ عمر کي پهچي وئين تہ مون توکي چيو تہ) تون ۽ تنھن جو ڀاءُ منھنجا نشان کڻي وڃو ۽ منھن جي ذڪر

۽ گهٽتائي نہ ڪيو.

اِذْهَبَآ اِلٰى فِرْعَوْنَ اِنَّهٗ طَغٰى ﴿٤٣﴾

۴۴- توهان ٻئي فرعون وٽ وڃو، ڇو جو انهيءَ سرڪشي اختيار ڪئي آهي.

فَقُوْلَا لَهٗ قَوْلًا لَّيِّنًا لَّعَلَّهٗ يَتَذَكَّرُ اَوْ يَخْشٰى ﴿٤٤﴾

۴۵- ۽ توهان ٻئي انهيءَ سان نرميءَ سان ڳالهايو، شايد هو سمجهي وڃي يا (اسان کان) ڊڄڻ لڳي.

قَالَا رَبَّنَآ اِنَّنَا نَخَافُ اَنْ يَّفْرُطَ عَلَيْنَآ اَوْ اَنْ يَّطْغٰى ﴿٤٥﴾

۴٦- ٻنهي عرض ڪيو، اي اسانجا رب! اسان ڊڄون ٿا تہ اهو اسانتي زيادتي نہ ڪري، يا اسانتي حد کان وڌيڪ سختي نہ ڪري.

قَالَ لَا تَخَافَآ اِنَّنِيْ مَعَكُمَآ اَسْمَعُ وَاَرٰى ﴿٤٦﴾

۴۷- (الله) فرمايو توهان ٻئي بلڪل نہ ڊڄو، مان توهان ساڻ آهيان توهانجون دعائون ٻہ ٻڌانٿو ۽ (توهانجي حالت ٻہ) ڏسان پيو.

فَاْتِيٰهُ فَقُوْلَآ اِنَّا رَسُوْلَا رَبِّكَ فَاَرْسِلْ مَعَنَا بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ ۙ وَلَا تُعَذِّبْهُمْ ۭ قَدْ جِئْنٰكَ بِاٰيَةٍ مِّنْ رَّبِّكَ ۭ وَالسَّلٰمُ عَلٰي مَنِ اتَّبَعَ الْهُدٰى ﴿٤٧﴾

۴۸- پوءِ ٻئي انهيءَ وٽ هليا وڃو ۽ هن کي چئو اسان ٻئي تنهنجي رب جا رسول آهيون. پوءِ اسان سان بني اسرائيل کي موڪلي ڏي ۽ انهن کي تڪليفون نہ ڏي. اسان تو وٽ تنهن جي رب جي طرفان هڪ وڏو نشان کڻي آيا آهيون ۽ (توکي ٻڌايونٿا تہ) جيڪو (شخص اسانجي آندل) هدايت جي پٺيان هلندو (خدا جي طرفان) انهيءَ تي سلامتي نازل ٿيندي.

اِنَّا قَدْ اُوْحِيَ اِلَيْنَآ اَنَّ الْعَذَابَ عَلٰي مَنْ كَذَّبَ وَتَوَلّٰى ﴿٤٨﴾

۴۹- اسانتي هيءَ وحي نازل ڪئي وئي آهي تہ جيڪو ٻہ (خدا جي نشان کي) ڪوڙو چوندو ۽ پٺي ڦيريندو انهيءَ تي عذاب نازل ٿيندو.

قَالَ فَمَنْ رَّبُّكُمَا يٰمُوْسٰى ﴿٤٩﴾

۵۰- (انهيءَ تي فرعون) چيو اي موسيٰ! توهان ٻنهي جو رب ڪير آهي؟.

قَالَ رَبُّنَا الَّذِيْٓ اَعْطٰى كُلَّ شَيْءٍ خَلْقَهٗ ثُمَّ هَدٰى ﴿٥٠﴾

۵۱- (موسيٰ) چيو اسانجو رب اهو آهي جنهن هر شيءَ کي (انهن جي ضرورت مطابق)

عضوا عطا ڪيا آهن ۽ وري انهن (عضون) کان ڪم وٺڻ جو طريقو سيکاريو آهي.

قَالَ فَمَا بَالُ الْقُرُوْنِ الْاُوْلٰى ﴿۵۱﴾

٥٢. (فرعون) چيو ـ (جيڪڏهن اها ڳالهه آهي) تہ اڳين ماڻهن جو ڇا حال هو (يعني اهي تہ انهن ڳالهين کي نہ مڃيندا هئا انهن سان ڪهڙو سلوڪ ٿيندو).

قَالَ عِلْمُهَا عِنْدَ رَبِّىْ فِىْ كِتٰبٍ ۚ لَا يَضِلُّ رَبِّىْ وَ لَا يَنْسَى ﴿۵۲﴾

٥٣. (موسيٰ) چيو انهن (پهرين ماڻهن) جو علم تہ منهن جي رب کي آهي (انهن سڀني جون حالتون انهيءَ جي) ڪتاب ۾ محفوظ (آهن) منهن جو رب نہ ڀڳڪي ٿو ۽ نہ ڀلجي ٿو.

الَّذِىْ جَعَلَ لَكُمُ الْاَرْضَ مَهْدًا وَّ سَلَكَ لَكُمْ فِيْهَا سُبُلًا وَّ اَنْزَلَ مِنَ السَّمَآءِ مَآءً ۚ فَاَخْرَجْنَا بِهٖۤ اَزْوَاجًا مِّنْ نَّبَاتٍ شَتّٰى ﴿۵۳﴾

٥٤. (اهوئي آهي) جنهن توهان لاءِ هن زمين کي فرش طور بنايو آهي ۽ انهيءَ ۾ توهان جي لاءِ رستا بہ ڪيا آهن ۽ آسمان مان پاڻي وسايو آهي پوءِ (تون انهن کي هيءَ چئو تہ) اسان انهيءَ پاڻي جي ذريعي مختلف قسم جي اوڀر جا جوڙا پيدا ڪيا آهن.

كُلُوْا وَ ارْعَوْا اَنْعَامَكُمْ ؕ اِنَّ فِىْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّاُولِى النُّهٰى ﴿۵۴﴾ ع ١١

٥٥. (پوءِ) توهان بہ کائو، ۽ پنهن جي جانورن کي بہ چاريو. انهيءَ ۾ عقل وارن ماڻهن لاءِ ڏاڍا نشان آهن.

مِنْهَا خَلَقْنٰكُمْ وَ فِيْهَا نُعِيْدُكُمْ وَ مِنْهَا نُخْرِجُكُمْ تَارَةً اُخْرٰى ﴿۵۵﴾

٥٦. اسان انهيءَ (زمين) مان توهانکي پيدا ڪيو آهي، ۽ انهيءَ ۾ توهانکي موٽائينداسين ۽ انهيءَ مان ئي توهانکي ٻيهر ڪڍنداسين.

وَ لَقَدْ اَرَيْنٰهُ اٰيٰتِنَا كُلَّهَا فَكَذَّبَ وَ اَبٰى ﴿۵۶﴾

٥٧. ۽ اسان انهيءَ (فرعون) کي پنهنجا هر قسم جا نشان ڏيکاريا پر (باوجود انهيءَ جي) اهو ڪوڙو سمجهڻ تي ضد ڪندو رهيو ۽ انڪار ڪندو رهيو.

قَالَ اَجِئْتَنَا لِتُخْرِجَنَا مِنْ اَرْضِنَا بِسِحْرِكَ يٰمُوْسٰى ﴿۵۷﴾

٥٨. ۽ چوڻ لڳو (اي موسيٰ!) ڇا تون انهيءَ لاءِ اسان وٽ آيو آهين تہ تون پنهنجي جادوءَ جهڙي ڳالهہ ذريعي اسانکي پنهنجي زمين

مان ڪڍي ڇڏين.

فَلَنَأْتِيَنَّكَ بِسِحْرٍ مِّثْلِهٖ فَاجْعَلْ بَيْنَنَا وَبَيْنَكَ مَوْعِدًا لَّا نُخْلِفُهٗ نَحْنُ وَلَآ اَنْتَ مَكَانًا سُوًى ﴿٥٩﴾

٥٩. (جيڪڏهن اها ڳالهه آهي) ته اسان به تنهن جي مقابلي ۾ اهڙوئي جادو آڻينداسين. پوءِ اسانجي ۽ پنهنجي وچ ۾ هڪ (وقت ۽) واعدو ڪيل جڳهه مقرر ڪر، نه انهيءَ کان اسان پوئتي هٽون ۽ نه تون هٽين اها (هڪ اهڙي) جڳهه (هجي جيڪا) اسانجي ۽ توهانجي وچ ۾ هڪجهڙي هجي.

قَالَ مَوْعِدُكُمْ يَوْمُ الزِّيْنَةِ وَاَنْ يُّحْشَرَ النَّاسُ ضُحًى ﴿٦٠﴾

٦٠. (انهيءَ تي موسىٰ) چيو ته تنهن جو (اسانجي) گڏ ٿيڻ جو ڏينهن (توهان جي) عيد جو ڏينهن هجي ۽ نيزي برابر سج چڙهڻ تي سڀني ماڻهن کي گڏ ڪيو وڃي.

فَتَوَلّٰى فِرْعَوْنُ فَجَمَعَ كَيْدَهٗ ثُمَّ اَتٰى ﴿٦١﴾

٦١. انهيءَ تي فرعون پٺي ورائي هليو ويو ۽ جيڪي تدبيرون انهيءَ کان ممڪن ٿي سگهيون ٿي انهن کي گڏ ڪيو ۽ پوءِ (موسىٰ ڏانهن) موٽيو.

قَالَ لَهُمْ مُّوْسٰى وَيْلَكُمْ لَا تَفْتَرُوْا عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا فَيُسْحِتَكُمْ بِعَذَابٍ ۚ وَقَدْ خَابَ مَنِ افْتَرٰى ﴿٦٢﴾

٦٢. (تڏهين) موسىٰ انهن کي چيو اي انسانو! توهانتي بربادي هجي، الله تي ڪوڙ نه هڻو ائين نه ٿئي جو اهو توهانکي عذاب جي ذريعي پيهي ڇڏي ۽ جيڪو به (خدا تي) ڪوڙ هڻي ٿو اهو ناڪام ٿي وڃيٿو.

فَتَنَازَعُوْٓا اَمْرَهُمْ بَيْنَهُمْ وَاَسَرُّوا النَّجْوٰى ﴿٦٣﴾

٦٣. هيءَ ٻڌي (فرعون ۽ انهيءَ جا ساٿي) پاڻ ۾ بحث ڪرڻ لڳا ۽ ڳجها منصوبا ڪرڻ لڳا.

قَالُوْٓا اِنْ هٰذٰنِ لَسٰحِرٰنِ يُرِيْدٰنِ اَنْ يُّخْرِجٰكُمْ مِّنْ اَرْضِكُمْ بِسِحْرِهِمَا وَيَذْهَبَا بِطَرِيْقَتِكُمُ الْمُثْلٰى ﴿٦٤﴾

٦٤. (۽) انهن چيو هي ٻئي (يعني موسىٰ ۽ هارون) بيو ڪجهه به ناهن صرف جادوگر آهن (جيڪي) اهو گهرن ٿا ته توهانکي توهانجي زمين مان پنهن جي جادوءَ جي زور سان ڪڍي ڇڏين ۽ توهانجي اعلىٰ درجي جي مذهب کي تباهه ڪري ڇڏين.

ضمير جي آواز کان) سجدي ۾ ڪري پيا ۽ چوڻ لڳا تہ اسان هارون ۽ موسىٰ جي رب تي ايمان آڻيون ٿا.

قَالَ اٰمَنْتُمْ لَهٗ قَبْلَ اَنْ اٰذَنَ لَكُمْ ۚ اِنَّهٗ لَكَبِيْرُكُمُ الَّذِىْ عَلَّمَكُمُ السِّحْرَ ۚ فَلَاُقَطِّعَنَّ اَيْدِيَكُمْ وَاَرْجُلَكُمْ مِّنْ خِلَافٍ وَّلَاُوصَلِّبَنَّكُمْ فِىْ جُذُوْعِ النَّخْلِ ۡ وَلَتَعْلَمُنَّ اَيُّنَآ اَشَدُّ عَذَابًا وَّاَبْقٰى ﴿٧٢﴾

٧٢ (انهيءَ تي فرعون) چيو ڇا توهان منهن جي حڪم کان پهرين ئي انهيءَ تي ايمان آڻيو ٿا (معلوم ٿي ويو تہ) اهو توهانجو سردار آهي. جنهن توهانکي اهي چالاڪيون سيکاريون آهن. پوءِ (انهيءَ فريب جي جزا ۾) مان توهانجا هٿ ۽ پير (پنهن جي)خلاف ورزيءَ جي سببان ڪپي ڇڏيندس ۽ (مان توهانکي) کجيءَ جي ٿڙن سان ٻڌي صليب تي چاڙهيندس. ۽ توهانکي معلوم ٿي ويندو تہ اسان مان ڪير وڌيڪ سخت ۽ جٽادار عذاب ڏيئي سگهيٿو.

قَالُوْا لَنْ نُّؤْثِرَكَ عَلٰى مَا جَآءَنَا مِنَ الْبَيِّنٰتِ وَالَّذِىْ فَطَرَنَا فَاقْضِ مَآ اَنْتَ قَاضٍ ۭ اِنَّمَا تَقْضِىْ هٰذِهِ الْحَيٰوةَ الدُّنْيَا ﴿٧٣﴾

٧٣ (انهيءَ تي) انهن (يعني فرعون جي پهرين ساٿين يا جادوگرن) چيو اسان توکي انهن نشانن تي فوقيت نٿا ڏيئي سگهون جيڪي (خدا جي طرفان) اسان وٽ آيا آهن ۽ نہ انهيءَ (خدا) تي جنهن اسانکي پيدا ڪيو آهي. پوءِ جيڪو تنهن جو زور لڳيٿو ڀلي لڳاءِ تون صرف هن دنيا جي زندگيءَ کي ختم ڪري سگهين ٿو.

اِنَّآ اٰمَنَّا بِرَبِّنَا لِيَغْفِرَ لَنَا خَطٰيٰنَا وَمَآ اَكْرَهْتَنَا عَلَيْهِ مِنَ السِّحْرِ ۭ وَاللّٰهُ خَيْرٌ وَّاَبْقٰى ﴿٧٤﴾

٧٤ اسان (هاڻي) پنهن جي رب تي ايمان آڻي چڪا آهيون انهيءَ لاءِ تہ هو اسانجا گناهہ معاف ڪري ۽ هن دوکي بازيءَ (جي مقابلي) کي بہ معاف ڪري جنهن لاءِ تو اسانکي مجبور ڪيو هو ۽ الله سڀ کان بهتر آهي ۽ سيني کان وڌيڪ قائم رهڻ وارو آهي.

اِنَّهٗ مَنْ يَّاْتِ رَبَّهٗ مُجْرِمًا فَاِنَّ لَهٗ جَهَنَّمَ ۭ لَا

٧٥ حقيقت هيءَ آهي تہ جيڪو بہ شخص پنهن جي رب وٽ مجرم جي حيثيت ۾ حاضر

يَمُوْتُ فِيْهَا وَلَا يَحْيٰى ﴿٧٥﴾

ٽينڊو آهي، انهيءَ کي يقينئ جهنم ملندو آهي نه هو انهيءَ ۾ مرندو آهي نه زنده رهندو آهي.

وَمَنْ يَّأْتِهٖ مُؤْمِنًا قَدْ عَمِلَ الصّٰلِحٰتِ فَاُولٰٓئِكَ لَهُمُ الدَّرَجٰتُ الْعُلٰى ﴿٧٦﴾

٧٦ـ ۽ جيڪو شخص مومن هجڻ جي حالت ۾ جڏهين ته اهو گڏوگڏ حال سارو عمل به ڪندو هوندو انهيءَ (خدا) وٽ ايندو ته اهڙو هر شخص اعليٰ درجو حاصل ڪندو.

جَنّٰتُ عَدْنٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ۭ وَذٰلِكَ جَزٰٓؤُا مَنْ تَزَكّٰى ﴿٧٧﴾ ع

٧٧ـ (اهي درجا) هميشه رهڻ وارا باغ (هوندا) جن جي هيٺيان نديون وهنديون هونديون (۽) اهي انهيءَ ۾ رهندا ايندا ۽ هي انهيءَ (شخص) جو مناسب بدلو آهي جيڪو پاڪيزگي اختيار ڪريٿو.

وَلَقَدْ اَوْحَيْنَآ اِلٰى مُوْسٰٓى ڏ اَنْ اَسْرِ بِعِبَادِيْ فَاضْرِبْ لَهُمْ طَرِيْقًا فِي الْبَحْرِ يَبَسًا ۙ لَّا تَخٰفُ دَرَكًا وَّلَا تَخْشٰى ﴿٧٨﴾

٧٨ـ ۽ اسان موسيٰ کي وحي ڪئي هئي ته منهن جن ٻانهن (يعني پنهن جي قوم) کي رات جي اونداهيءَ ۾ ڪڍي وٺي وڃ، پوءِ انهن کي سمنڊ ۾ هڪ رستو ٻڌاءِ جيڪو خشڪ هجي. نه توکي اهو ڊپ هوندو ته ڪو (شخص) اچي پويان پڪڙي ۽ نه اوهان (سمنڊ جي تباهي کان) ڊڄندا (انهيءَ تي موسيٰ پنهن جي قوم کي وٺي سمنڊ ڏانهن ويو).

فَاَتْبَعَهُمْ فِرْعَوْنُ بِجُنُوْدِهٖ فَغَشِيَهُمْ مِّنَ الْيَمِّ مَا غَشِيَهُمْ ﴿٧٩﴾

٧٩ـ ۽ فرعون پنهنجا لشڪر وٺي انهن جي پويان لڳو ۽ سمنڊ انهيءَ کي ۽ انهيءَ جي ساٿين کي بلڪل ڍڪي ڇڏيو.

وَاَضَلَّ فِرْعَوْنُ قَوْمَهٗ وَمَا هَدٰى ﴿٨٠﴾

٨٠ـ ۽ فرعون پنهن جي قوم کي گمراهه ڪيو ۽ هدايت جو طريقو نه ٻڌايو.

يٰبَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ قَدْ اَنْجَيْنٰكُمْ مِّنْ عَدُوِّكُمْ وَوٰعَدْنٰكُمْ جَانِبَ الطُّوْرِ الْاَيْمَنَ وَنَزَّلْنَا عَلَيْكُمُ الْمَنَّ وَالسَّلْوٰى ﴿٨١﴾

٨١ـ اي بني اسرائيل! اسان توهان کي توهان جي دشمن کان نجات ڏيئي چڪا آهيون ۽ انهيءَ کانپوءِ اسان توهان کان طور جي ساڄي پاسي هڪ آمهون سامهون وعدو ڪري چڪا

عَلَيْكُمُ الْعَهْدُ اَمْ اَرَدْتُّمْ اَنْ يَّحِلَّ عَلَيْكُمْ غَضَبٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ فَاَخْلَفْتُمْ مَّوْعِدِيْ ﴿٨٧﴾

توهانجي رب توهان سان هڪ سٺو واعدو نه ڪيوهو. ڇا انهيءَ واعدي جي پوري ٿيڻ ۾ ڪا دير ٿي وئي هئي يا توهان گهريو ٿي ته توهانتي توهانجي رب جي طرفان ڪو غضب نازل ٿئي، سو توهان منهن جي واعدي کي رد ڪري ڇڏيو.

قَالُوْا مَآ اَخْلَفْنَا مَوْعِدَكَ بِمَلْكِنَا وَلٰكِنَّا حُمِّلْنَآ اَوْزَارًا مِّنْ زِيْنَةِ الْقَوْمِ فَقَذَفْنٰهَا فَكَذٰلِكَ اَلْقَى السَّامِرِيُّ ﴿٨٨﴾

٨٨۔ انهن چيو اسان تنهن جي واعدي کي پنهن جي مرضيءَ سان رد نه ڪيو پر فرعون جي قوم جي زيورن جو بوجو اسان تي وڌو ويو هو. انهيءَ کي اسان اڇلائي ڇڏيو ۽ اهڙي طرح سامريءَ به انهيءَ کي اڇلائي ڇڏيو.

فَاَخْرَجَ لَهُمْ عِجْلًا جَسَدًا لَّهٗ خُوَارٌ فَقَالُوْا هٰذَآ اِلٰهُكُمْ وَاِلٰهُ مُوْسٰى ۥ فَنَسِيَ ﴿٨٩﴾

٨٩۔ پوءِ انهي انهن جي لاءِ (يعني اسان لاءِ) هڪ گابو تيار ڪيو جيڪو رڳو بوتوئي هو، انهيءَ مان هڪ بي معنيٰ آواز نڪتو ٿي (يعني سچو پچو گابو نه هو) پوءِ (انهي ۽ سندس ساٿين) چيو ته هي توهان جو به ۽ موسيٰ جو به خدا آهي ۽ اهي هن کي وساري (پوئتي ڇڏي) ويو آهي.

اَفَلَا يَرَوْنَ اَلَّا يَرْجِعُ اِلَيْهِمْ قَوْلًا ۙ وَّلَا يَمْلِكُ لَهُمْ ضَرًّا وَّلَا نَفْعًا ﴿٩٠﴾ ع

٩٠۔ (بي شڪ سامري ۽ سندس ساٿين ائين ڪيو) پر ڇا انهن خود ڪونه ٿي ڏٺو ته اهو گابو انهن جي ڪنهن به ڳالهه جو جواب نه ٿو ڏئي ۽ نه انهن کي ڪو نقصان پهچائي سگهي ٿو ۽ نه نفعو پهچائي سگهي ٿو.

وَلَقَدْ قَالَ لَهُمْ هٰرُوْنُ مِنْ قَبْلُ يٰقَوْمِ اِنَّمَا فُتِنْتُمْ بِهٖ ۚ وَاِنَّ رَبَّكُمُ الرَّحْمٰنُ فَاتَّبِعُوْنِيْ وَاَطِيْعُوْٓا اَمْرِيْ ﴿٩١﴾

٩١۔ ۽ هارون (موسيٰ جي واپس اچڻ کان به) پهرين انهن چيو هو ته اي منهن جي قوم ! توهانکي هن (گابي) جي ذريعي آزمائش ۾ وڌو ويو آهي ۽ توهانجو رب ته رحمان (خدا) آهي پوءِ منهن جي تابعداري ڪيو ۽ منهن جي حڪم کي مڃيو (۽ شرڪ

نہ ڪيو).

قَالُوْا لَنْ نَّبْرَحَ عَلَيْهِ عٰكِفِيْنَ حَتّٰى يَرْجِعَ اِلَيْنَا مُوْسٰى ﴿٩٢﴾

٩٢- (پر انهيءَ ضدي قوم) چيو جيستائين موسيٰ اسان وٽ واپس نہ اچي اسان برابر هن جي عبادت ۾ مشغول رهنداسين.

قَالَ يٰهٰرُوْنُ مَا مَنَعَكَ اِذْ رَاَيْتَهُمْ ضَلُّوْا ﴿٩٣﴾

٩٣- (جڏهين موسيٰ واپس آيو تہ هن هارون کي) چيو اي هارون! جڏهين تو پنهن جي قوم کي گمراه ٿيندي ڏٺو هو تہ توکي ڪنهن منع ڪئي هئي ؟

اَلَّا تَتَّبِعَنِ ؕ اَفَعَصَيْتَ اَمْرِيْ ﴿٩٤﴾

٩٤- تہ تون منهن جي نقش قدم تي نہ هلين؟ چا تو منهن جي حڪم جي نافرماني ڪئي؟

قَالَ يَبْنَؤُمَّ لَا تَاْخُذْ بِلِحْيَتِيْ وَلَا بِرَاْسِيْ ۚ اِنِّيْ خَشِيْتُ اَنْ تَقُوْلَ فَرَّقْتَ بَيْنَ بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ وَلَمْ تَرْقُبْ قَوْلِيْ ﴿٩٥﴾

٩٥- (هارون) چيو اهي منهن جي ماءُ جا پٽ! نہ منهن جي ڏاڙهيءَ (جا وار) پڪڙ ۽ نہ منهن جي مٿي وار (پڪڙ) مان تہ هن ڳالهہ کان ڊڄي ويو هوس تہ تون اهو نہ چئين تہ تو بني اسرائيل ۾ نفاق وجهي ڇڏيو آهي ۽ منهن جي ڳالهہ جو خيال نہ رکيو (تہ قوم جي تنظيم قائم رهي).

قَالَ فَمَا خَطْبُكَ يٰسَامِرِيُّ ﴿٩٦﴾

٩٦- (انهيءَ تي موسيٰ سامريءَ سان مخاطب ٿيو ۽) چيو اي سامري ! تنهنجو ڪهڙو معاملو آهي؟.

قَالَ بَصُرْتُ بِمَا لَمْ يَبْصُرُوْا بِهٖ فَقَبَضْتُ قَبْضَةً مِّنْ اَثَرِ الرَّسُوْلِ فَنَبَذْتُهَا وَكَذٰلِكَ سَوَّلَتْ لِيْ نَفْسِيْ ﴿٩٧﴾

٩٧- انهيءَ چيو، مون اهو ڪي ڏٺو جيڪو هنن ماڻهن نہ ڏٺو هو ۽ مون هن رسول (يعني موسيٰ) جي ڳالهين مان ڪجهہ اختيار ڪري ورتيون ۽ ڪجهہ اختيار (نہ ڪيون) پوءِ (جڏهين موقعو آيو تہ) مون انهن (اختيار ڪيل ڳالهين) کي بہ ڦٽو ڪري ڇڏيو ۽ منهن جي دل اهائي شيءِ مونکي سٺي ڪري ڏيکاري هئي.

قَالَ فَاذْهَبْ فَاِنَّ لَكَ فِي الْحَيٰوةِ اَنْ تَقُوْلَ لَا

٩٨- (موسيٰ) چيو چڱو تو وڃ، تنهن جي هن دنيا ۾ اهائي سزا آهي تہ تون هن (دنيا) ۾

مِسَاسَ ۖ وَإِنَّ لَكَ مَوْعِدًا لَّنْ تُخْلَفَهُ ۚ وَانْظُرْ إِلَىٰ إِلَٰهِكَ الَّذِي ظَلْتَ عَلَيْهِ عَاكِفًا ۖ لَّنُحَرِّقَنَّهُ ثُمَّ لَنَنْسِفَنَّهُ فِي الْيَمِّ نَسْفًا ﴿٩٧﴾

هر هڪ کي اهو چوندو رهين تہ (مونکي) ڇهو نہ (يعني مونکي موسيٰ گندو ٺهرايو آهي) ۽ (موسيٰ سامريءَ کي اهو بہ چيو تہ) تنهن جي لاءِ هڪ مقرر وقت آهي (يعني سزا جو) جنهن کي تون ٽاري نہ سگهندين ۽ تون پنهن جي معبود ڏانهن ڏس جنهن جي سامهون ويهي تون انهيءَ جي پوڄا ڪندو هئين اسان هنکي ساڙينداسين ۽ انهيءَ کي سمنڊ ۾ اڇلائي ڇڏينداسين.

إِنَّمَا إِلَٰهُكُمُ اللَّهُ الَّذِي لَا إِلَٰهَ إِلَّا هُوَ ۚ وَسِعَ كُلَّ شَيْءٍ عِلْمًا ﴿٩٨﴾

٩٩. توهانجو معبود تہ صرف الله آهي جنهن کانسواءِ ٻيو ڪوبہ معبود ڪونهي اهو هر هڪ شئي کي ڄاڻيٿو.

كَذَٰلِكَ نَقُصُّ عَلَيْكَ مِنْ أَنْبَاءِ مَا قَدْ سَبَقَ ۚ وَقَدْ آتَيْنَاكَ مِنْ لَدُنَّا ذِكْرًا ﴿٩٩﴾

١٠٠. اهڙيءَ طرح اسان تنهن جي سامهون پهرين ماڻهن جون خبرون بيان ڪيونٿا ۽ اسان توکي پنهن جي طرفان ذڪر (يعني قرآن) عطا فرمايو آهي.

مَنْ أَعْرَضَ عَنْهُ فَإِنَّهُ يَحْمِلُ يَوْمَ الْقِيَامَةِ وِزْرًا ﴿١٠٠﴾

١٠١. جيڪو انهيءَ کان منهن موڙيندو اهو قيامت جي ڏينهن هڪ وڏو بوجو کڻندو.

خَالِدِينَ فِيهِ ۖ وَسَاءَ لَهُمْ يَوْمَ الْقِيَامَةِ حِمْلًا ﴿١٠١﴾

١٠٢. (اهڙا ماڻهو ) انهيءَ حالت ۾ ڪافي دير تائين رهندا ۽ قيامت جي ڏينهن اهو (بوجو) انجا بہ تڪليف ڏيندڙ هوندو.

يَوْمَ يُنْفَخُ فِي الصُّورِ ۚ وَنَحْشُرُ الْمُجْرِمِينَ يَوْمَئِذٍ زُرْقًا ﴿١٠٢﴾

١٠٣. جنهن ڏينهن نفيل وڄائي ويندي ۽ انهيءَ ڏينهن مجرمن کي اسان هن حالت ۾ اٿارينداسين جو انهن جون اکيون نيريون هونديون.

يَتَخَافَتُونَ بَيْنَهُمْ إِنْ لَبِثْتُمْ إِلَّا عَشْرًا ﴿١٠٣﴾

١٠٤. اهي پاڻ ۾ آهستي آهستي ڳالهيون ڪندا تہ توهان تہ صرف ڏهہ (صديون دنيا ۾ حاڪم) رهيا آهيو.

نَحْنُ أَعْلَمُ بِمَا يَقُولُونَ إِذْ يَقُولُ أَمْثَلُهُمْ طَرِيقَةً

١٠٥. اسان خوب ڄاڻونٿا انهيءَ کي جيڪي اهي چوندا جڏهين انهن مان سيني کان وڏيڪ

إِن لَّبِثْتُمْ إِلَّا يَوْمًا ﴿١٠٤﴾

انهن جي مذهب تي هلڻ وارو چوندو تہ توهان صرف هڪ ٿورڙي مدت ترسيا آهيو.

وَيَسْـَٔلُونَكَ عَنِ الْجِبَالِ فَقُلْ يَنسِفُهَا رَبِّي نَسْفًا ﴿١٠٥﴾

١٠٦. ۽ اهي توکان پهاڙن جي متعلق پڇن ٿا تون چؤ تہ انهن کي منهنجو رب اکيڙي اجلائي ڇڏيندو.

فَيَذَرُهَا قَاعًا صَفْصَفًا ﴿١٠٦﴾

١٠٧. ۽ انهن کي هڪ اهڙي پوٽي جي صورت ۾ ڇڏي ڏيندو.

لَّا تَرَىٰ فِيهَا عِوَجًا وَلَا أَمْتًا ﴿١٠٧﴾

١٠٨. جو نہ تہ تون انهيءَ ۾ ڪو ور ڏسندين ۽ نہ ڪا مٿاهين.

يَوْمَئِذٍ يَتَّبِعُونَ الدَّاعِيَ لَا عِوَجَ لَهُ ۖ وَخَشَعَتِ الْأَصْوَاتُ لِلرَّحْمَٰنِ فَلَا تَسْمَعُ إِلَّا هَمْسًا ﴿١٠٨﴾

١٠٩. انهيءَ ڏينهن ماڻهو سڏڻ واري جي پٺيان لڳي پوندا جنهن جي تعليم ۾ ڪو بہ ڏنگ نہ هوندو ۽ رحمان (خدا جي آواز) جي مقابلي ۾ (انسانن جو) آواز ڍڪجي ويندو پوءِ تون سواءِ سس پس جي ٻيو ڪجهہ نہ ٻڌندين.

يَوْمَئِذٍ لَّا تَنفَعُ الشَّفَاعَةُ إِلَّا مَنْ أَذِنَ لَهُ الرَّحْمَٰنُ وَرَضِيَ لَهُ قَوْلًا ﴿١٠٩﴾

١١٠. انهيءَ ڏينهن شفاعت سواءِ انهيءَ جي جنهن جي حق ۾ شفاعت ڪرڻ جي اجازت رحمان (خدا) ڏيندو ۽ جنهن جي حق ۾ ڳالهہ ڪرڻ کي اهو پسند ڪندو ڪنهن کي نفعو نہ ڏيندي.

يَعْلَمُ مَا بَيْنَ أَيْدِيهِمْ وَمَا خَلْفَهُمْ وَلَا يُحِيطُونَ بِهِ عِلْمًا ﴿١١٠﴾

١١١. اهو جو ڪجهہ انهن جي اڳيان اچڻ وارو آهي انهيءَ کي بہ ڄاڻيٿو ۽ جو ڪجهہ انهن جي پويان گذري چڪو آهي انهيءَ کي بہ ڄاڻيٿو ۽ اهو پنهن جي علم جي ذريعي انهيءَ (خدا) کي گهيرو ڪري نہ ٿا سگهن.

وَعَنَتِ الْوُجُوهُ لِلْحَيِّ الْقَيُّومِ ۖ وَقَدْ خَابَ مَنْ حَمَلَ ظُلْمًا ﴿١١١﴾

١١٢. ۽ (انهيءَ ڏينهن) زنده ۽ قائم رهڻ ۽ قائم رکڻ واري (خدا) جي سامهون سڀ وڏا ماڻهو (ادب سان) جهڪي پوندا ۽ جيڪو ظلم ڪندو اهو ناڪام رهندو.

وَمَن يَعْمَلْ مِنَ الصَّالِحَاتِ وَهُوَ مُؤْمِنٌ فَلَا يَخَافُ

١١٣. ۽ جنهن وقت جي ضرورت جي مطابق

ظُلْمًا وَّلَا هَضْمًا ﴿١١٣﴾

عمل ڪيا هوندا ۽ اهو مومن به هوندو اهو نہ تہ ڪنهن قسم جي ظلم کان ڊڄندو ۽ نہ ڪنهن قسم جي حق ڇڳڻ کان.

وَكَذٰلِكَ اَنْزَلْنٰهُ قُرْاٰنًا عَرَبِيًّا وَّصَرَّفْنَا فِيْهِ مِنَ الْوَعِيْدِ لَعَلَّهُمْ يَتَّقُوْنَ اَوْ يُحْدِثُ لَهُمْ ذِكْرًا ﴿١١٤﴾

١١٤- ۽ اهڙي طرح اسان هن (ڪتاب) کي عربي زبان جي قرآن جي صورت ۾ لاٿو آهي ۽ انهيءَ ۾ هر قسم جي ڊيڄارڻ کي کولي کولي بيان ڪيو آهي انهيءَ لاءِ تہ اهي تقويٰ اختيار ڪن. يا (هي قرآن) انهن جي لاءِ (خدا جي) ياد جو سامان (نئين سر) پيدا ڪري.

فَتَعٰلَى اللّٰهُ الْمَلِكُ الْحَقُّ ۚ وَلَا تَعْجَلْ بِالْقُرْاٰنِ مِنْ قَبْلِ اَنْ يُّقْضٰٓى اِلَيْكَ وَحْيُهٗ ۫ وَقُلْ رَّبِّ زِدْنِيْ عِلْمًا ﴿١١٥﴾

١١٥- پوءِ الله جيڪو بادشاهہ آهي، وڏي شان وارو آهي ۽ هميشه قائم رهڻ وارو آهي ۽ تون قرآن (جي وحي) لهڻ کان پهرين انهيءَ جي باري ۾ جلديءَ کان ڪم نہ وٺ ۽ (تفصيل سان) چوندو رهہ تہ اي منهنجا رب ! منهن جي علم کي وڌاءِ.

وَلَقَدْ عَهِدْنَآ اِلٰٓى اٰدَمَ مِنْ قَبْلُ فَنَسِيَ وَلَمْ نَجِدْ لَهٗ عَزْمًا ﴿١١٦﴾ ع ٦ / ١٥

١١٦- ۽ اسان هن کان پهرين آدم کي (هڪ ڳالهہ جو) تاڪيد ڪيو هو پر انهيءَ وساري ڇڏيو ۽ اسان چڱيءَ طرح سمجهي ورتو تہ انهيءَ جي دل ۾ اسانجي حڪم پڄڻ جي متعلق ڪوبہ پختو ارادو نہ هو.

وَاِذْ قُلْنَا لِلْمَلٰٓئِكَةِ اسْجُدُوْا لِاٰدَمَ فَسَجَدُوْٓا اِلَّآ اِبْلِيْسَ ؕ اَبٰى ﴿١١٧﴾

١١٧- ۽ (هيءَ بہ ياد رکو تہ) جڏهين اسان ملائڪن کي چيو تہ آدم (جي پيدائش جي شڪراني ۾ خدا) کي سجدو ڪيو تہ ابليس کانسواءِ سڀني سجدو ڪيو. انهيءَ انڪار ڪيو.

فَقُلْنَا يٰٓاٰدَمُ اِنَّ هٰذَا عَدُوٌّ لَّكَ وَلِزَوْجِكَ فَلَا يُخْرِجَنَّكُمَا مِنَ الْجَنَّةِ فَتَشْقٰى ﴿١١٨﴾

١١٨- انهي تي اسان (آدم کي) چيو اي آدم! هي (ابليس) يقينن تنهنجو ۽ تنهنجن سائين جو دشمن آهي پوءِ توهان ٻنهي (گروهن) کي هي جنت مان نہ ڪڍي ڇڏي جو انهيءَ جي

نتيجي ۾ تون (۽ تنهنجو هر هڪ ساٿي) مصيبت ۾ پئجي وڃو.

إِنَّ لَكَ أَلَّا تَجُوعَ فِيهَا وَلَا تَعْرٰى ﴿١١٩﴾

١١٩- يقينن هن (جنت) ۾ تنهن جي لاءِ هي (مقدر) آهي تہ تون بکيو نہ رهين (۽ نہ تنهنجا ساٿي) ۽ تون اگهاڙو نہ رهين.

وَأَنَّكَ لَا تَظْمَؤُا فِيهَا وَلَا تَضْحٰى ﴿١٢٠﴾

١٢٠- ۽ نہ تون اڃارو رهين ۽ نہ اس ۾ سڙين.

فَوَسْوَسَ إِلَيْهِ الشَّيْطٰنُ قَالَ يٰآدَمُ هَلْ أَدُلُّكَ عَلٰى
شَجَرَةِ الْخُلْدِ وَمُلْكٍ لَّا يَبْلٰى ﴿١٢١﴾

١٢١- انهي تي شيطان انهيءَ جي دل ۾ وسوسو وڌو (۽) چيو اي آدم ! ڇا مان توکي هڪ اهڙي وڻ جي خبر ڏيان جيڪو سدا بهار آهي ۽ اهڙي بادشاهي (جي خبر ڏيان) جيڪا ڪڏهين فنا نہ ٿيندي.

فَأَكَلَا مِنْهَا فَبَدَتْ لَهُمَا سَوْاٰتُهُمَا
وَطَفِقَا يَخْصِفٰنِ عَلَيْهِمَا مِنْ وَّرَقِ الْجَنَّةِ
وَعَصٰٓى اٰدَمُ رَبَّهٗ فَغَوٰى ﴿١٢٢﴾

١٢٢- پوءِ انهن ٻنهي (يعني آدم ۽ انهيءَ جي سائين انهيءَ وڻ مان ڪجهہ کاڌو (يعني انهيءَ جو مزو چکيو) جنهن مان انهن ٻنهي جون ڪمزوريون انهن تي کلي ويون ۽ اهي ٻيئي پنهن جي مٿان جنت جي زينت جو سامان (يعني نيڪ عمل) ويڙهڻ لڳا ۽ آدم پنهن جي رب جي نافرماني ڪئي پوءِ هو صحيح رستي کان ڀٽڪي ويو.

ثُمَّ اجْتَبٰهُ رَبُّهٗ فَتَابَ عَلَيْهِ وَهَدٰى ﴿١٢٣﴾

١٢٣- انهيءَ کانپوءِ انهيءَ جي رب انهيءَ کي چونڊيو ۽ انهي تي رحم جي نظر ڪئي ۽ انهيءَ کي صحيح طريقہ ڪار ٻڌايو.

قَالَ اهْبِطَا مِنْهَا جَمِيْعًاۢ بَعْضُكُمْ لِبَعْضٍ عَدُوٌّ فَإِمَّا
يَأْتِيَنَّكُمْ مِّنِّيْ هُدًى فَمَنِ اتَّبَعَ هُدَايَ فَلَا
يَضِلُّ وَلَا يَشْقٰى ﴿١٢٤﴾

١٢٤- (۽ خدا) چيو توهان ٻئي (گروهہ) انهيءَ مان سيئي نڪري وڃو - توهان مان ڪي ڪن جا دشمن هوندا- پوءِ جيڪڏهين توهان وٽ منهن جي طرف کان هدايت اچي تہ جيڪو منهن جي هدايت جي پيروي ڪندو اهو ڪڏهين گمراهہ نہ ٿيندو ۽ نہ ڪڏهين بربادي‌ءَ ۾ پوندو.

وَ مَنْ اَعْرَضَ عَنْ ذِكْرِىْ فَاِنَّ لَهٗ مَعِيْشَةً ضَنْكًا وَّ نَحْشُرُهٗ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ اَعْمٰى ﴿١٢٥﴾

١٢٥. ۽ جيڪو شخص منهنجي ياد ڏيارڻ جي باوجود منهن موڙيندو انهيءَ کي تڪليف واري زندگي ملندي ۽ قيامت جي ڏينهن اسان انهيءَ کي انڌو ڪري اٿارينداسين.

قَالَ رَبِّ لِمَ حَشَرْتَنِىْٓ اَعْمٰى وَقَدْ كُنْتُ بَصِيْرًا ﴿١٢٦﴾

١٢٦. (جنهن تي) هو چوندو اي منهنجا رب ! تو مونکي ڇو انڌو ڪري اٿاريو حالانڪ مان تہ چڱي طرح ڏسي سگهندو هوس.

قَالَ كَذٰلِكَ اَتَتْكَ اٰيٰتُنَا فَنَسِيْتَهَا ۚ وَكَذٰلِكَ الْيَوْمَ تُنْسٰى ﴿١٢٧﴾

١٢٧. (انهي تي خدا) فرمائيندو, تو وٽ بہ تہ اساڄون آيتون آيون هيون جن کي تو وساري ڇڏيو هو, سو اڄ توکي بہ (خدا جي رحمت جي ورهاست جي وقت) ترڪ ڪيو ويندو.

وَكَذٰلِكَ نَجْزِىْ مَنْ اَسْرَفَ وَلَمْ يُؤْمِنْ بِاٰيٰتِ رَبِّهٖ ۚ وَلَعَذَابُ الْاٰخِرَةِ اَشَدُّ وَاَبْقٰى ﴿١٢٨﴾

١٢٨. ۽ جيڪو خدائي قانون کان ٻاهر هليو ويندو ۽ پنهن جي رب جي آيتن تي ايمان نٿو آڻي انهيءَ سان ائين ئي ٿيندو آهي ۽ (اهو تہ صرف دنيوي سلوڪ آهي) آخرت جو عذاب انهيءَ کان بہ زياده سخت ۽ تمام گهڻي وقت تائين هلڻ وارو آهي.

اَفَلَمْ يَهْدِ لَهُمْ كَمْ اَهْلَكْنَا قَبْلَهُمْ مِّنَ الْقُرُوْنِ يَمْشُوْنَ فِىْ مَسٰكِنِهِمْ ۗ اِنَّ فِىْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّاُولِى النُّهٰى ﴿١٢٩﴾ ع ١٢

١٢٩. ڇا انهن ماڻهن کي (انهيءَ ڳالهہ مان) هدايت حاصل نہ ٿي تہ انهن کان پهرين گذريل قومن مان گهڻين کي اسان تباهہ ڪري ڇڏيو . اهي (ماڻهو) انهن جي گهرن ۾ گهمن ڦرن ٿا انهيءَ ۾ عقل وارن ماڻهن لاءِ وڏا نشان آهن.

وَلَوْلَا كَلِمَةٌ سَبَقَتْ مِنْ رَّبِّكَ لَكَانَ لِزَامًا وَّاَجَلٌ مُّسَمًّى ﴿١٣٠﴾

١٣٠. ۽ جيڪڏهن هڪ ڳالهہ منهن جي رب جي طرفان پهرين نہ گذري چڪي هجي ها ۽ مدت بہ مقرر نہ هجي ها تہ عذاب (انهن قومن لاءِ) دائمي بڻجي وڃي ها (۽ هڪ ڊگهي عرصي تائين جاري رهي ها).

فَاصْبِرْ عَلٰى مَا يَقُوْلُوْنَ وَسَبِّحْ بِحَمْدِ

١٣١. پوءِ جيڪي ڪجهہ هي (ماڻهو) چون

رَبِّكَ قَبْلَ طُلُوْعِ الشَّمْسِ وَقَبْلَ غُرُوْبِهَا ۚ وَمِنْ اٰنَآئِ الَّيْلِ فَسَبِّحْ وَاَطْرَافَ النَّهَارِ لَعَلَّكَ تَرْضٰى ﴿١٣٠﴾

ٿا تون انھيءَ تي صبر ڪر(ڇو جو تنھن جي رب جي سنت اھائي آھي تہ رحم ڪان ڪم ورتو وڃي) ۽ سج جي اڀرڻ ۽ انھيءَ جي لھڻ ڪان پھرين انھيءَ جي حمد سان انھيءَ جي تسبيح بہ ڪندو ڪر ۽ رات جي مختلف حصن ۽ (اھڙي طرح) ڏينھن جي سڀني حصن ۾ بہ انھيءَ جي تسبيح ڪندو ڪر انھيءَ لاءِ تہ (انھيءَ جي فضل کي حاصل ڪري) تون خوش ٿي وڃين.

وَلَا تَمُدَّنَّ عَيْنَيْكَ اِلٰى مَا مَتَّعْنَا بِهٖٓ اَزْوَاجًا مِّنْهُمْ زَهْرَةَ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ۙ لِنَفْتِنَهُمْ فِيْهِ ۭ وَرِزْقُ رَبِّكَ خَيْرٌ وَّاَبْقٰى ﴿١٣١﴾

١٣٢- ۽ اسان جيڪي ڪجھہ انھن مان ڪن ماڻھن کي دنيوي زندگي جي سينگار جا سامان ڏنا آھن تون انھيءَ ڏانھن پنھن جي پنھي اکين جي نظر کي پکيڙي نہ ڏس (ڇو جو اھو سامان انھن کي انھيءَ لاءِ ڏنو ويو آھي) تہ اسان انھيءَ جي ذريعي انھن جي آزمائش ڪريون ۽ تنھن جي رب جو ڏنل رزق سڀ ڪان سٺو ۽ ھميشه رھڻ وارو آھي.

وَاْمُرْ اَهْلَكَ بِالصَّلٰوةِ وَاصْطَبِرْ عَلَيْهَا ۭ لَا نَسْــَٔـلُكَ رِزْقًا ۭ نَحْنُ نَرْزُقُكَ ۭ وَالْعَاقِبَةُ لِلتَّقْوٰى ﴿١٣٢﴾

١٣٣- ۽ تون پنھن جي ڪٽنب کي نماز جو تاڪيد ڪندو رھہ ۽ تون خود بہ انھيءَ (نماز) تي قائم رھہ اسان توکان رزق ڪونہ ٿا گھرون, پر اسان توکي رزق ڏيئي رھيا آھيون ۽ پڇاڙي تقويٰ جي ئي بھتر ٿيندي آھي.

وَقَالُوْا لَوْلَا يَاْتِيْنَا بِاٰيَةٍ مِّنْ رَّبِّهٖ ۭ اَوَلَمْ تَاْتِهِمْ بَيِّنَةُ مَا فِي الصُّحُفِ الْاُوْلٰى ﴿١٣٣﴾

١٣٤- ۽ اھي چونٿا تہ جو اھو اسان وٽ پنھن جي رب جي طرفان ڪو نشان ڇو نٿو آڻي - ڇا انھن وٽ اھڙو نشان نہ آيو آھي, جھڙو پھرين ڪتابن ۾ بيان ٿي چڪو آھي.

وَلَوْ اَنَّآ اَهْلَكْنٰهُمْ بِعَذَابٍ مِّنْ قَبْلِهٖ لَقَالُوْا رَبَّنَا لَوْلَآ اَرْسَلْتَ اِلَيْنَا رَسُوْلًا فَنَتَّبِعَ اٰيٰتِكَ مِنْ قَبْلِ

١٣٥- ۽ جيڪڏھن اسان انھن کي ھن (رسول) ڪان پھرين ڪنھن عذاب جي ذريعي ناس ڪري ڇڏيون ھا تہ اھي چون ھا, اي اسانجا

اَنْ نَّذِلَّ وَ نَخْزٰى ﴿١٣٤﴾

رب ! تو اسان ڏانهن ڪو رسول ڇو نہ موڪليو (جيڪڏهن تون ائين ڪرين ها) تہ اسان تنهن جي نشانن جي پٺيان هلون ها انهيءَ ڪان اڳي جو اسان ذليل ۽ خوار ٿي وڃون ها.

قُلْ كُلٌّ مُّتَرَبِّصٌ فَتَرَبَّصُوْا ۚ فَسَتَعْلَمُوْنَ مَنْ اَصْحٰبُ الصِّرَاطِ السَّوِيِّ وَمَنِ اهْتَدٰى ﴿١٣٥﴾ ع١٤

١٣٦. تون چؤ, هر هڪ شخص پنهنجي پڇاڙي جي انتظار ۾ آهي پوءِ توهان.بہ (پنهن جي پڇاڙي جو) انتظار ڪندا رهو. ۽ توهان جلد ئي معلوم ڪري وٺندؤ تہ ڪهڙو شخص سڌي رستي تي هلڻ وارن ۽ هدايت حاصل ڪرڻ وارن مان آهي (۽ ڪير نہ آهي).

انهي ڏسي وائسي اهي ڳالهيون پنهن جي طرفان ٺاهيون آهن، پر هو شاعرانہ مزاج رکڻ وارو ماڻهو آهي (جنهن جي دماغ ۾ طرح طرح جا خيال اٿندا رهن ٿا) پوءِ گهرجي تہ اسانوڻ ڪو نشان کڻي اچي جهڙي طرح پهريائين رسول نشانن سان موڪليا ويا هئا.

مَآ اٰمَنَتْ قَبْلَهُمْ مِّنْ قَرْيَةٍ اَهْلَكْنٰهَا ۚ اَفَهُمْ يُؤْمِنُوْنَ ﴿٧﴾

٧. انهن کان پهرين ڳوٺن مان بہ جن کي اسان تباهہ ڪري ڇڏيو هو ڪنهن بہ ايمان نہ آندو هو تہ پوءِ ڇا اهي ايمان آڻيندا.

وَمَآ اَرْسَلْنَا قَبْلَكَ اِلَّا رِجَالًا نُّوْحِيْٓ اِلَيْهِمْ فَسْـَٔلُوْٓا اَهْلَ الذِّكْرِ اِنْ كُنْتُمْ لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿٨﴾

٨. ۽ اسان توکان پهرين (بہ هميشه) مردن ئي کي رسول بڻائي موڪليندا هئاسين ۽ انهن تي وحي ڪندا هئاسين ۽ (اي منڪرو) جيڪڏهن توهان (هيءَ ڳالهہ) نٿا ڄاڻو تہ اهل ڪتاب وارن کان پڇي ڏسو.

وَمَا جَعَلْنٰهُمْ جَسَدًا لَّا يَاْكُلُوْنَ الطَّعَامَ وَمَا كَانُوْا خٰلِدِيْنَ ﴿٩﴾

٩. ۽ اسان انهن رسولن کي اهڙو جسم نہ ڏنو هو جو اهي کاڌو نہ کائيندا هجن ۽ نہ اهي غير معمولي عمر پائڻ وارا ماڻهو هئا.

ثُمَّ صَدَقْنٰهُمُ الْوَعْدَ فَاَنْجَيْنٰهُمْ وَمَنْ نَّشَآءُ وَاَهْلَكْنَا الْمُسْرِفِيْنَ ﴿١٠﴾

١٠. ۽ اسان جيڪو واعدو انهن سان ڪيو هو انهيءَ کي پورو ڪري ڏيکاريو ۽ انهن کي ۽ انهن کانسواءِ جن کي گهريو (دشمن کان) نجات ڏني ۽ جيڪي حد کان وڌڻ وارا هئا انهن کي تباهہ ڪري ڇڏيو.

لَقَدْ اَنْزَلْنَآ اِلَيْكُمْ كِتٰبًا فِيْهِ ذِكْرُكُمْ ۚ اَفَلَا تَعْقِلُوْنَ ﴿١١﴾ ع

١١. اسان توهان ڏانهن هڪ اهڙو ڪتاب لاٿو آهي جنهن ۾ توهانجي بزرگيءَ جا سامان آهن ڇا توهان عقل نٿا ڪيو.

وَكَمْ قَصَمْنَا مِنْ قَرْيَةٍ كَانَتْ ظَالِمَةً وَّاَنْشَاْنَا بَعْدَهَا قَوْمًا اٰخَرِيْنَ ﴿١٢﴾

١٢. ۽ ڪيترائي ڳوٺ آهن جيڪي ظلم ڪندا هئا جنکي اسان تباهہ ڪري ڇڏيو ۽ انهن کانپوءِ هڪ ٻي قوم کي پيدا ڪيو.

فَلَمَّآ اَحَسُّوْا بَاْسَنَآ اِذَا هُمْ مِّنْهَا يَرْكُضُوْنَ ﴿١٣﴾

١٣. پوءِ جڏهن (تباهہ ٿيل ماڻهن) اسانجي عذاب کي محسوس ڪيو تہ لڳا (انهيءَ

كان ڀڄڻ لاءِ) ڀڄڻ.

لَا تَرْكُضُوْا وَ ارْجِعُوْٓا اِلٰى مَآ اُتْرِفْتُمْ فِيْهِ وَمَسٰكِنِكُمْ لَعَلَّكُمْ تُسْئَلُوْنَ ﴿١٣﴾

١٣- (تڏهن اسان چيو) ڀڄو نہ ۽ انهن شين ڏانهن جن جي ذريعي توهان آرام جي زندگي بسر ڪندا هئا ۽ پنهن جي گهرن ڏانهن واپس وڃو انهيءَ لاءِ تہ توهان کان توهانجن عملن جي متعلق سوال ڪيو وڃي.

قَالُوْا يٰوَيْلَنَآ اِنَّا كُنَّا ظٰلِمِيْنَ ﴿١٤﴾

١٤- انهيءَ جو انهن اهو جواب ڏنو تہ هاءِ افسوس ! اسان تہ (عمربر) ظلم ئي ڪندا رهياسين .

فَمَا زَالَتْ تِّلْكَ دَعْوٰىهُمْ حَتّٰى جَعَلْنٰهُمْ حَصِيْدًا خٰمِدِيْنَ ﴿١٥﴾

١٥- ۽ اهي اهائي ڳالهہ ڪندا رهيا, ايستائين جو اسان انهن کي هڪ لٽيل پوک وانگر ڪري ڇڏيو, جنهن جي سڄي رونق برباد ٿي چڪي هئي.

وَ مَا خَلَقْنَا السَّمَآءَ وَ الْاَرْضَ وَمَا بَيْنَهُمَا لٰعِبِيْنَ ﴿١٦﴾

١٦- ۽ آسمان کي ۽ زمين کي ۽ جيڪي ڪجهہ انهن ٻنهي جي وچ ۾ آهي محض راند ڪري پيدا نہ ڪيو آهي (پر انهن جي پيدائش ۾ حڪمت هئي) .

لَوْ اَرَدْنَآ اَنْ نَّتَّخِذَ لَهْوًا لَّاتَّخَذْنٰهُ مِنْ لَّدُنَّآ ۖ اِنْ كُنَّا فٰعِلِيْنَ ﴿١٧﴾

١٧- جيڪڏهن اسانکي دل وندرائڻ ٿي تجويز ڪرڻي هجي ها تہ انهيءَ کي پنهن جي ويجهوئي تجويز ڪيون ها .

بَلْ نَقْذِفُ بِالْحَقِّ عَلَى الْبَاطِلِ فَيَدْمَغُهٗ فَاِذَا هُوَ زَاهِقٌ ۭ وَ لَكُمُ الْوَيْلُ مِمَّا تَصِفُوْنَ ﴿١٨﴾

١٨- پر اسان تہ حق کي باطل تي ڪٽي هڻون ٿا اهو انهيءَ جو مٿو ڦاڙي ڇڏيٿو ۽ اهو (باطل) فورن ڀڄي وڃيٿو ۽ توهانتي توهانجي ڳالهين سببان افسوس آهي.

وَ لَهٗ مَنْ فِي السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ ۭ وَ مَنْ عِنْدَهٗ لَا يَسْتَكْبِرُوْنَ عَنْ عِبَادَتِهٖ وَلَا يَسْتَحْسِرُوْنَ ﴿١٩﴾

١٩- ۽ جيڪي وجود بہ آسمان ۾ آهن ۽ زمين ۾ آهن سڀ انهيءَ جا آهن ۽ جيڪي انهيءَ وٽ آهن انهيءَ جي عبادت کان نافرماني نٿا ڪن ۽ نہ (انهيءَ کان) ٿڪجن ٿا.

يُسَبِّحُوْنَ الَّيْلَ وَ النَّهَارَ لَا يَفْتُرُوْنَ ﴿٢٠﴾

٢٠- اهي رات جو ۽ ڏينهن جو بہ تسبيح ڪن ٿا ۽ اهي انهيءَ کان رڪجن نٿا.

اَمِ اتَّخَذُوْٓا اٰلِهَةً مِّنَ الْاَرْضِ هُمْ يُنْشِرُوْنَ ﴿٢١﴾

٢٢. جا انهن ماڻهن زمين مان معبود بنايا آهن ؟ ۽ اهي (مخلوق) پيدا ڪن ٿا.

3 لَوْ كَانَ فِيْهِمَآ اٰلِهَةٌ اِلَّا اللّٰهُ لَفَسَدَتَا ۚ فَسُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ الْعَرْشِ عَمَّا يَصِفُوْنَ ﴿٢٢﴾

٢٣. جيڪڏهن انهن ٻنهي (يعني زمين ۽ آسمان) ۾ الله کانسواءِ ٻيا به معبود هجن ها ته اهي ٻئي تباهه ٿي وڃن ها پوءِ الله جيڪو عرش جو به رب آهي سڀني نقصن کان پاڪ آهي ۽ انهن (ڳالهين) کان به جيڪي اهي چون ٿا.

لَا يُسْـَٔلُ عَمَّا يَفْعَلُ وَهُمْ يُسْـَٔلُوْنَ ﴿٢٣﴾

٢٤. جو ڪجهه اهو ڪريٿو انهيءَ جي متعلق اهو ڪنهن ڏانهن جوابدار نه آهي. حالانڪ اهي (ماڻهو) جوابدار هوندا آهن.

اَمِ اتَّخَذُوْا مِنْ دُوْنِهٖٓ اٰلِهَةً ۚ قُلْ هَاتُوْا بُرْهَانَكُمْ ۚ هٰذَا ذِكْرُ مَنْ مَّعِيَ وَذِكْرُ مَنْ قَبْلِيْ ۚ بَلْ اَكْثَرُهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ ۙ الْحَقَّ فَهُمْ مُّعْرِضُوْنَ ﴿٢٤﴾

٢٥. جا هنن انهيءَ کانسواءِ معبود ٺاهيا آهن؟ تون چئين ته پنهن جو دليل آڻيو. هي (قرآن) ته انهن لاءِ به جيڪي مونسان آهن وڏائيءَ جو سبب آهي ۽ جيڪي مون کان پهرين گذري چڪا آهن انهن لاءِ به وڏائي جو سبب آهي پر انهن مان اڪثر حق کي سڃاڻن نٿا انهيءَ ڪري ان کان منهن موڙين ٿا.

وَمَآ اَرْسَلْنَا مِنْ قَبْلِكَ مِنْ رَّسُوْلٍ اِلَّا نُوْحِيْٓ اِلَيْهِ اَنَّهٗ لَآ اِلٰهَ اِلَّآ اَنَا فَاعْبُدُوْنِ ﴿٢٥﴾

٢٦. ۽ اسان تو کان پهرين جيترا به رسول موڪليا آهن اسان انهن مان هر هڪ ڏانهن هيءَ وحي ڪندا هئاسين ته حقيقت هيءَ آهي ته مان.هڪ ئي خدا آهيان پوءِ (صرف) منهن جي عبادت ڪيو.

وَقَالُوا اتَّخَذَ الرَّحْمٰنُ وَلَدًا سُبْحٰنَهٗ ۚ بَلْ عِبَادٌ مُّكْرَمُوْنَ ۙ ﴿٢٦﴾

٢٧. ۽ (هي ماڻهو ) چوندا ته رحمان (خدا) پٽ ٺاهيو آهي (انهن جي ڳالهه درست نه آهي) اهو ته هر هيٺائيءَ کان پاڪ آهي. حقيقت هيءَ آهي ته (جن کي هي پٽ چوندا) اهي خدا جا ڪجهه ٻانها آهن جنکي خدا جي طرفان عزت ملي آهي.

لَا يَسْبِقُوْنَهٗ بِالْقَوْلِ وَهُمْ بِاَمْرِهٖ يَعْمَلُوْنَ ﴿٢٨﴾

٢٨- اهي خدا جي ڳالهہ کان هڪ لفظ بہ وڌيڪ نٿا چون ۽ اهي هن جي حڪمن تي عمل ڪن ٿا.

يَعْلَمُ مَا بَيْنَ اَيْدِيْهِمْ وَمَا خَلْفَهُمْ وَلَا يَشْفَعُوْنَ اِلَّا لِمَنِ ارْتَضٰى وَهُمْ مِّنْ خَشْيَتِهٖ مُشْفِقُوْنَ ﴿٢٩﴾

٢٩- اهو (خدا) انهيءَ کي بہ ڄاڻيٿو جيڪو انهن کي آئيندي اڳيان اچڻ وارو آهي ۽ جيڪي اهي پوئتي ڇڏي آيا آهن ۽ اهي سواءِ انهيءَ جي جنهن لاءِ خدا اها ڳالهہ پسند ڪئي هجي ڪنهن جي لاءِ سفارش نٿا ڪن ۽ اهي انهيءَ جي خوف کان ڪنبندا رهن ٿا.

وَمَنْ يَّقُلْ مِنْهُمْ اِنِّيْٓ اِلٰهٌ مِّنْ دُوْنِهٖ فَذٰلِكَ نَجْزِيْهِ جَهَنَّمَ ؕ كَذٰلِكَ نَجْزِي الظّٰلِمِيْنَ ﴿٣٠﴾ ع ٢

٣٠- ۽ جيڪو انهن مان هي چوي تہ مان خدا کانسواءِ معبود آهيان اسان انهيءَ کي جهنم ۾ وجهنداسين ۽ اسان ظالمن کي اهڙوئي بدلو ڏيندا آهيون.

اَوَلَمْ يَرَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا اَنَّ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ كَانَتَا رَتْقًا فَفَتَقْنٰهُمَا ؕ وَجَعَلْنَا مِنَ الْمَآءِ كُلَّ شَيْءٍ حَيٍّ ؕ اَفَلَا يُؤْمِنُوْنَ ﴿٣١﴾

٣١- ڇا ڪافرن اهو نہ ڏٺو تہ آسمان ۽ زمين بند هئا. پوءِ اسان انهن کي کولي ڇڏيو ۽ اسان پاڻيءَ سان هر زندهہ شيءِ کي زندهہ ڪيو آهي. پوءِ ڇا اهي ايمان نٿا آڻين.

وَجَعَلْنَا فِي الْاَرْضِ رَوَاسِيَ اَنْ تَمِيْدَ بِهِمْ ۪ وَجَعَلْنَا فِيْهَا فِجَاجًا سُبُلًا لَّعَلَّهُمْ يَهْتَدُوْنَ ﴿٣٢﴾

٣٢- ۽ اسان زمين ۾ جبل بنايا جو ائين نہ ٿئي جو اها (يعني زمين) انهن (يعني اهل زمين) سميت سخت زلزلي ۾ مبتلا ٿي وڃي - ۽ اسان زمين ۾ ڪليل ڪليل رستا بہ بنايا انهيءَ لاءِ تہ هي ماڻهو انهن جي ذريعي (مختلف هنڌن تائين) پهچن.

وَجَعَلْنَا السَّمَآءَ سَقْفًا مَّحْفُوْظًا ۚۖ وَّهُمْ عَنْ اٰيٰتِهَا مُعْرِضُوْنَ ﴿٣٣﴾

٣٣- ۽ اسان آسمان کي هڪ مضبوط ڇت (يعني حفاظت جو ذريعو) بنايو آهي ۽ پوءِ بہ اهي انهيءَ جي نشانن (يعني آسمان مان ظاهر ٿيڻ وارن نشانن) مان (جيڪي انهن جي فائدي جيلاءِ آهن) منهن موڙين ٿا.

وَهُوَ الَّذِيْ خَلَقَ الَّيْلَ وَالنَّهَارَ وَالشَّمْسَ وَ

٣٤- ۽ اهو ئي آهي جنهن رات ۽ ڏينهن کي ۽ سج ۽ چنڊ کي پيدا ڪيو آهي اهي سڀ

الْقَمَرَ ۭ كُلٌّ فِيْ فَلَكٍ يَّسْبَحُوْنَ ۝٣٣

(آسماني سيارا) پنهن جي پنهن جي محور ۾ بنان روڪ جي هلي رهيا آهن.

وَمَا جَعَلْنَا لِبَشَرٍ مِّنْ قَبْلِكَ الْخُلْدَ ۭ اَفَا۟ىِٕنْ مِّتَّ فَهُمُ الْخٰلِدُوْنَ ۝٣٤

٣٥- ۽ اسان ڪنهن انسان کي توکان پهرين غير طبعي عمر نہ بخشي آهي - ڇا جيڪڏهين تون مري وڃين تہ اهي غير طبعي عمر تائين زنده رهندا.

كُلُّ نَفْسٍ ذَاۗىِٕقَةُ الْمَوْتِ ۭ وَنَبْلُوْكُمْ بِالشَّرِّ وَالْخَيْرِ فِتْنَةً ۭ وَاِلَيْنَا تُرْجَعُوْنَ ۝٣٥

٣٦- هر جان موت چکڻ واري آهي - ۽ اسان توهان جي بري ۽ سٺي حالت سان آزمائش ڪنداسين ۽ آخر اسان ڏانهن ئي توهانکي موٽائي آندو ويندو.

وَاِذَا رَاٰكَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا اِنْ يَّتَّخِذُوْنَكَ اِلَّا هُزُوًا ۭ اَھٰذَا الَّذِيْ يَذْكُرُ اٰلِهَتَكُمْ ۚ وَهُمْ بِذِكْرِ الرَّحْمٰنِ هُمْ كٰفِرُوْنَ ۝٣٦

٣٧- ۽ جڏهين ڪافر توکي ڏسن ٿا تہ توکي صرف هڪ حقير شيءِ سمجهن ٿا (۽چونٿا) ڇا اهو شخص آهي جيڪو توهانجي معبودن جون اوٽايون ڳڻائي ٿو. حالانڪ اهي خود رحمان (خدا) جي ذڪر جو انڪار ڪن ٿا.

خُلِقَ الْاِنْسَانُ مِنْ عَجَلٍ ۭ سَاُورِيْكُمْ اٰيٰتِيْ فَلَا تَسْتَعْجِلُوْنِ ۝٣٧

٣٨- انسان جي اندر جلد بازيءَ جو مادو رکيو ويو آهي سو (ياد رکو) مان توهانکي پنهنجا نشان ڏيکاريندس پوءِ توهان جلد بازيءَ کان ڪم نہ وٺو.

وَيَقُوْلُوْنَ مَتٰى هٰذَا الْوَعْدُ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ۝٣٨

٣٩- ۽ (هي بذي) اهي چونٿا تہ جيڪڏهين توهان ماٺهو (يعني مسلمان) سچا آهيو تہ هي واعدو ڪڏهين پورو ٿيندو؟

لَوْ يَعْلَمُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا حِيْنَ لَا يَكُفُّوْنَ عَنْ وُّجُوْهِهِمُ النَّارَ وَلَا عَنْ ظُهُوْرِهِمْ وَلَا هُمْ يُنْصَرُوْنَ ۝٣٩

٤٠- جيڪڏهين ڪافر انهيءَ گهڙيءَ کي سمجهي وٺن جڏهين اهي نہ پنهن جي منهن کان ۽ نہ پنهن جي پٺي کان باهہ کي هٽائي سگهندا ۽ نہ ڪنهن جي طرفان انهن جي مدد ڪئي ويندي (تہ اهي ايتري وڏائي نہ ڪن ها).

بَلْ تَاْتِيْهِمْ بَغْتَةً فَتَبْهَتُهُمْ فَلَا يَسْتَطِيْعُوْنَ رَدَّهَا

٤١- پر (اهو عذاب) انهن وٽ اوچتو ايندو ۽ انهن کي حيران ڪري ڇڏيندو پوءِ هو انهيءَ

وَلَا هُمْ يُنْظَرُوْنَ ۝٤٠

كي رد ڪرڻ جي طاقت نه رکندا ۽ نه انهن کي (ڪا) مهلت ڏني ويندي.

وَلَقَدِ اسْتُهْزِئَ بِرُسُلٍ مِّنْ قَبْلِكَ فَحَاقَ بِالَّذِيْنَ سَخِرُوْا مِنْهُمْ مَّا كَانُوْا بِهٖ يَسْتَهْزِءُوْنَ ۝٤١ ع٣

٤٢- ۽ توکان پهرين جيڪي رسول گذريا آهن انهن سان به ٺٺول ڪئي ويئي هئي، پر نتيجو اهو ٿيو جو جن انهن رسولن تي ٺٺول ڪئي هئي انهن کي انهن ئي ڳالهين اچي گهيري ورتو جن جي ذريعي اهي نبين تي ٺٺول ڪندا هئا.

قُلْ مَنْ يَّكْلَؤُكُمْ بِالَّيْلِ وَالنَّهَارِ مِنَ الرَّحْمٰنِ ؕ بَلْ هُمْ عَنْ ذِكْرِ رَبِّهِمْ مُّعْرِضُوْنَ ۝٤٢

٤٣- تون چئين ته رات يا ڏينهن جي وقت رحمان (خدا) جي پڪڙ کان توهانکي ڪير بچائي سگهي ٿو. پر (حقيقت هي آهي ته) اهي پنهن جي رب جي ذڪر کان منهن موڙي رهيا آهن.

اَمْ لَهُمْ اٰلِهَةٌ تَمْنَعُهُمْ مِّنْ دُوْنِنَا ؕ لَا يَسْتَطِيْعُوْنَ نَصْرَ اَنْفُسِهِمْ وَلَا هُمْ مِّنَّا يُصْحَبُوْنَ ۝٤٣

٤٤- ڇا انهن جي تائيد ۾ ڪي (سچا) معبود آهن جيڪي انهن کي اسانجي عذاب کان بچائي سگهندا. اهي (معبود) ته پنهنجي جان جي به حفاظت نٿا ڪري سگهن ۽ نه اسانجي مقابلي ۾ ڪو به انهن جو ساٿ ڏيئي سگهيٿو.

بَلْ مَتَّعْنَا هٰۤؤُلَاۤءِ وَاٰبَاۤءَهُمْ حَتّٰى طَالَ عَلَيْهِمُ الْعُمُرُ ؕ اَفَلَا يَرَوْنَ اَنَّا نَاْتِي الْاَرْضَ نَنْقُصُهَا مِنْ اَطْرَافِهَا ؕ اَفَهُمُ الْغٰلِبُوْنَ ۝٤٤

٤٥- حقيقت هيءَ آهي ته اسان انهن کي به ۽ انهن جي ابن ڏاڏن کي به تمام گهڻو مال متاع ڏنو هو. ايستائين جو انهن تي هڪ ڊگهو زمانو گذري ويو. پوءِ ڇا اهي نٿا ڏسن ته اسان انهن جي ملڪ ڏانهن وڌي رهيا آهيون ۽ ڪنارن جي طرف کان انهيءَ کي ننڍو ڪندا وڃونٿا. ته ڇا (انهيءَ مان اهو نتيجو نڪريٿو ته) اهي غالب ايندا؟

قُلْ اِنَّمَاۤ اُنْذِرُكُمْ بِالْوَحْيِ ۖ وَلَا يَسْمَعُ الصُّمُّ الدُّعَاۤءَ اِذَا مَا يُنْذَرُوْنَ ۝٤٥

٤٦- تون انهن کي چؤ ته مان ته توهانکي وحيءَ جي ذريعي هوشيار ڪري رهيو آهيان ۽ (چڱيءَ طرح سمجهانئو ته) جڏهين

(روحاني) ٻوڙن کي هوشيار ڪيو وڃي ته اهي آواز نٿا ٻڌي سگهن.

وَلَئِنْ مَّسَّتْهُمْ نَفْحَةٌ مِّنْ عَذَابِ رَبِّكَ لَيَقُوْلُنَّ يٰوَيْلَنَآ اِنَّا كُنَّا ظٰلِمِيْنَ ۝٤٦

٤٧. ۽ جيڪڏهين انهن کي عذاب جي گرميءَ جو ڪو جهونٽو لڳي وڃي ته اهي ضرور چوندا اسانتي افسوس ! اسان ته ظلم ئي ڪندا رهياسين.

وَنَضَعُ الْمَوَازِيْنَ الْقِسْطَ لِيَوْمِ الْقِيٰمَةِ فَلَا تُظْلَمُ نَفْسٌ شَيْئًا ؕ وَاِنْ كَانَ مِثْقَالَ حَبَّةٍ مِّنْ خَرْدَلٍ اَتَيْنَا بِهَا ؕ وَكَفٰى بِنَا حٰسِبِيْنَ ۝٤٧

٤٨. ۽ اسان قيامت جي ڏينهن اهڙو تور جو سامان (يعني پورو تورڻ وارو سامان) پيدا ڪنداسين جو جنهن جي سببان ڪنهن جان تي ٿورڙو به ظلم نه ڪيو ويندو ۽ جيڪڏهن هڪ رائي جي داڻي جي برابر به (ڪو عمل) هوندو ته اسان (انهيءَ کي) گڏ ڪنداسين ۽ اسان حساب وٺڻ لاءِ ڪافي آهيون.

وَلَقَدْ اٰتَيْنَا مُوْسٰى وَهٰرُوْنَ الْفُرْقَانَ وَضِيَآءً وَّذِكْرًا لِّلْمُتَّقِيْنَ ۝٤٨

٤٩. ۽ اسان موسيٰ ۽ هارون کي امتيازي نشان بخشيو هو ۽ روشني بخشي هئي ۽ متقين لاءِ هڪ ياد ڏهانيءَ جي تعليم بخشي هئي.

الَّذِيْنَ يَخْشَوْنَ رَبَّهُمْ بِالْغَيْبِ وَهُمْ مِّنَ السَّاعَةِ مُشْفِقُوْنَ ۝٤٩

٥٠. اهي (متقي) جيڪي پنهن جي رب کان غيب ۾ (به) ڊڄن ٿا ۽ جيڪي جزا سزا جي مقرر ڪيل وقت کان به ڊڄندا رهن ٿا.

وَهٰذَا ذِكْرٌ مُّبٰرَكٌ اَنْزَلْنٰهُ ؕ اَفَاَنْتُمْ لَهٗ مُنْكِرُوْنَ ۝٥٠ ع

٥١. ۽ هي (قرآن) هڪ اهڙي ياد ڏهاني ڪرڻ وارو ڪتاب آهي جنهن ۾ سڀني آسماني ڪتابن جون خوبيون وهي اچي ويون آهن انهيءَ کي اسان لاٿو آهي پوءِ ڇا توهان اهڙي ڪتاب جا منڪر آهيو؟

وَلَقَدْ اٰتَيْنَآ اِبْرٰهِيْمَ رُشْدَهٗ مِنْ قَبْلُ وَكُنَّا بِهٖ عٰلِمِيْنَ ۝٥١

٥٢. ۽ اسان هن کان پهرين ابراهيم کي انهي جي صلاحيت ۽ قابليت عطا ڪئي هئي ۽ اسان انهيءَ جي اندر کان چڱيءَ ريت واقف هئاسين.

إِذْ قَالَ لِأَبِيهِ وَقَوْمِهِ مَا هَٰذِهِ التَّمَاثِيلُ الَّتِي أَنتُمْ لَهَا عَاكِفُونَ ﴿٥٢﴾

٥٣. جڏهين انهيءَ پنهن جي پيءُ ۽ پنهن جي قوم کي چيو - هي ڪهڙا بت آهن جن جي اڳيان توهان ويٺا رهوٿا.

قَالُوا وَجَدْنَا آبَاءَنَا لَهَا عَابِدِينَ ﴿٥٣﴾

٥٤. انهن چيو (تہ) اسان پنهن جن ابن ڏاڏن کي ڏٺو هو تہ اهي انهن جي عبادت ڪندا هئا.

قَالَ لَقَدْ كُنتُمْ أَنتُمْ وَآبَاؤُكُمْ فِي ضَلَالٍ مُّبِينٍ ﴿٥٤﴾

٥٥. انهيءَ چيو، تڏهين توهان بہ ۽ توهانجا ابا ڏاڏا بہ هڪ کليل گمراهيءَ ۾ مبتلا هئا.

قَالُوا أَجِئْتَنَا بِالْحَقِّ أَمْ أَنتَ مِنَ اللَّاعِبِينَ ﴿٥٥﴾

٥٦. انهن چيو، ڇا تون اسانوٽ هڪ حقيقت وٺي آيو آهين يا تون اسان سان مذاق ڪري رهيو آهين.

قَالَ بَل رَّبُّكُمْ رَبُّ السَّمَاوَاتِ وَالْأَرْضِ الَّذِي فَطَرَهُنَّ وَأَنَا عَلَىٰ ذَٰلِكُم مِّنَ الشَّاهِدِينَ ﴿٥٦﴾

٥٧. (ابراهيم) چيو حقيقت هيءَ آهي تہ توهانجو رب آسمانن جو بہ رب آهي ۽ زمين جو بہ رب آهي (اهوئي آهي) جنهن انهن کي پيدا ڪيو آهي ۽ مان انهيءَ ڳالهہ جو توهانجي اڳيان شاهد آهيان.

وَتَاللَّهِ لَأَكِيدَنَّ أَصْنَامَكُم بَعْدَ أَن تُوَلُّوا مُدْبِرِينَ ﴿٥٧﴾

٥٨. ۽ انهيءَ چيو خدا جو قسم ! جڏهين توهان پٺي ورائي هليا ويندا تہ مان توهانجي بتن جي خلاف هڪ پڪي تدبير ڪندس.

فَجَعَلَهُمْ جُذَاذًا إِلَّا كَبِيرًا لَّهُمْ لَعَلَّهُمْ إِلَيْهِ يَرْجِعُونَ ﴿٥٨﴾

٥٩. پوءِ انهيءَ انهن (بتن) کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيو سواءِ انهن مان (هڪ) وڏي جي. انهيءَ لاءِ تہ اهي (هڪ دفعو وري) انهيءَ وٽ اچن.

قَالُوا مَن فَعَلَ هَٰذَا بِآلِهَتِنَا إِنَّهُ لَمِنَ الظَّالِمِينَ ﴿٥٩﴾

٦٠. انهيءَ تي انهن چيو تہ اسانجي معبودن سان هيءَ ڪم ڪنهن ڪيو آهي اٿين ڪرڻ وارو يقينن ظالمن مان آهي.

قَالُوا سَمِعْنَا فَتًى يَذْكُرُهُمْ يُقَالُ لَهُ إِبْرَاهِيمُ ﴿٦٠﴾

٦١. (تڏهين ڪجهہ ٻين ماڻهن) چيو - اسان هڪ نوجوان کي جنهن جو نالو ابراهيم آهي انهن جون اوڻايون بيان ڪندي ٻڌو آهي.

قَالُوا فَأْتُوا بِهِ عَلَىٰ أَعْيُنِ النَّاسِ لَعَلَّهُمْ

٦٢. (تڏهين قوم جي سردارن) چيو -

يَشۡهَدُونَ ﴿٦١﴾

(جيڪڏهن ڳالهہ ائين آهي تہ) انهيءَ شخص کي سڀني ماڻهن جي اڳيان آڻيو شايد اهي (انهيءَ جي متعلق) ڪو فيصلو ڪن.

قَالُوٓاْ ءَأَنتَ فَعَلۡتَ هَٰذَا بِـَٔالِهَتِنَا يَٰٓإِبۡرَٰهِيمُ ﴿٦٢﴾

٦٣. (پوءِ) انهن چيو اي ابراهيم ! ڇا هي ڪم تو اسانجي معبودن سان ڪيو آهي؟

قَالَ بَلۡ فَعَلَهُۥ كَبِيرُهُمۡ هَٰذَا فَسۡـَٔلُوهُمۡ إِن كَانُواْ يَنطِقُونَ ﴿٦٣﴾

٦٤. (ابراهيم) چيو تہ (آخر) ڪنهن ڪرڻ واري تہ هي ڪم ضرور ڪيو آهي. هي سڀني کان وڏو بت سامهون بيٺو آهي جيڪڏهن اهو ڳالهائي سگهندو هجي تہ انهيءَ کان (يعني انهيءَ بت کان بہ ۽ ٻين بتن کان بہ) پڇي ڏسو.

فَرَجَعُوٓاْ إِلَىٰٓ أَنفُسِهِمۡ فَقَالُوٓاْ إِنَّكُمۡ أَنتُمُ ٱلظَّٰلِمُونَ ﴿٦٤﴾

٦٥. انهيءَ تي اهي پنهن جي سردارن ڏانهن متوجہ ٿيا ۽ انهن چيو ـ سچي ڳالهہ تہ اهائي آهي تہ ظالم توهان ئي آهيو.

ثُمَّ نُكِسُواْ عَلَىٰ رُءُوسِهِمۡ لَقَدۡ عَلِمۡتَ مَا هَٰٓؤُلَآءِ يَنطِقُونَ ﴿٦٥﴾

٦٦. ۽ اهي ماڻهو پنهن جي مٿن پر ڪيرايا ويا (يعني لاجواب ڪيا ويا) ۽ انهن چيو تہ تون ڄاڻينو تہ هي تہ ڳالهائيندا نہ آهن.

قَالَ أَفَتَعۡبُدُونَ مِن دُونِ ٱللَّهِ مَا لَا يَنفَعُكُمۡ شَيۡـٔٗا وَلَا يَضُرُّكُمۡ ﴿٦٦﴾

٦٧. (ابراهيم) چيو تہ ڇا توهان الله کانسواءِ اهڙي شيءِ جي پوڄا ڪيو ٿا جيڪا نہ توهانکي نفعو ڏيئي ٿي، نہ نقصان پهچائي ٿي.

أُفّٖ لَّكُمۡ وَلِمَا تَعۡبُدُونَ مِن دُونِ ٱللَّهِۚ أَفَلَا تَعۡقِلُونَ ﴿٦٧﴾

٦٨. (اسان) توهانتي افسوس (ڪيونٿا) ۽ انهيءَ تي بہ جنهن جي توهان الله کانسواءِ عبادت ڪيو ٿا. ڇا توهان عقل کان ڪم نٿا وٺو؟

قَالُواْ حَرِّقُوهُ وَٱنصُرُوٓاْ ءَالِهَتَكُمۡ إِن كُنتُمۡ فَٰعِلِينَ ﴿٦٨﴾

٦٩. (انهيءَ تي اهي غصي ۾ اچي) چوڻ لڳا. هن ماڻهوءَ کي ساڙي ڇڏيو ۽ پنهن جي معبودن جي مدد ڪيو. جيڪڏهين توهان ڪجهہ ڪرڻ جو ارادو ڪيو آهي.

قُلۡنَا يَٰنَارُ كُونِي بَرۡدٗا وَسَلَٰمًا عَلَىٰٓ إِبۡرَٰهِيمَ ﴿٦٩﴾

٧٠. تڏهين اسان چيو، اي باهہ ! تون ابراهيم

لاءِ ٺڌي بہ ٿي وڃ ۽ انهيءَ لاءِ سلامتيءَ جو باعث بہ بڻجي وڃ.

وَاَرَادُوْا بِهٖ كَيْدًا فَجَعَلْنٰهُمُ الْاَخْسَرِيْنَ ﴿٧٠﴾

٧١ ۽ انهن هن سان ڪجهہ برو سلوڪ ڪرڻ گهريو پر اسان انهن کي ناڪام بڻائي ڇڏيو.

وَنَجَّيْنٰهُ وَلُوْطًا اِلَى الْاَرْضِ الَّتِيْ بٰرَكْنَا فِيْهَا لِلْعٰلَمِيْنَ ﴿٧١﴾

٧٢ ۽ اسان انهيءَ کي بہ ۽ لوط کي بہ انهيءَ زمين ڏانهن نجات ڏني جنهن ۾ اسان سڀني جهانن لاءِ برڪتون رکيون هيون.

وَوَهَبْنَا لَهٗٓ اِسْحٰقَ ۭ وَيَعْقُوْبَ نَافِلَةً ۭ وَكُلًّا جَعَلْنَا صٰلِحِيْنَ ﴿٧٢﴾

٧٣ ۽ اسان انهيءَ کي اسحاق بہ بخشيو ۽ يعقوب بہ بطور پوٽي جي (ڏنو) ۽ اسان سڀني کي نيڪ بڻايو.

وَجَعَلْنٰهُمْ اَىِٕمَّةً يَّهْدُوْنَ بِاَمْرِنَا وَاَوْحَيْنَآ اِلَيْهِمْ فِعْلَ الْخَيْرٰتِ وَاِقَامَ الصَّلٰوةِ وَاِيْتَاۗءَ الزَّكٰوةِ ۚ وَكَانُوْا لَنَا عٰبِدِيْنَ ﴿٧٣﴾

٧٤ ۽ اسان هنن کي (ماڻهن جو) امام بڻايو. اهي اسانجي حڪم سان انهن کي هدايت ڏيندا هئا ۽ اسان انهن ڏانهن نيڪ ڪم ڪرڻ ۽ نماز قائم ڪرڻ ۽ زڪوات ڏيڻ جي وحي ڪئي ۽ اهي سڀ اسانجا عبادت گذار ٻانها هئا.

وَلُوْطًا اٰتَيْنٰهُ حُكْمًا وَّعِلْمًا وَّنَجَّيْنٰهُ مِنَ الْقَرْيَةِ الَّتِيْ كَانَتْ تَّعْمَلُ الْخَبٰۗىِٕثَ ۭ اِنَّهُمْ كَانُوْا قَوْمَ سَوْءٍ فٰسِقِيْنَ ﴿٧٤﴾

٧٥ ۽ (اسان انهيءَ کي) لوط (بہ بخشيو) جنهن کي اسان حڪم بہ عطا ڪيو ۽ علم بہ ۽ انهيءَ کي انهيءَ ڳوٺ کان نجات ڏني جيڪو نهايت گندا ڪم ڪندو هو اهي (يعني لوط جي شهر جي رهڻ وارا) هڪ ڏاڍي بري قوم يعني نافرمان هئا.

وَاَدْخَلْنٰهُ فِيْ رَحْمَتِنَا ۭ اِنَّهٗ مِنَ الصّٰلِحِيْنَ ﴿٧٥﴾ ع

٧٦ ۽ اسان انهيءَ کي (يعني لوط) کي پنهن جي رحمت ۾ داخل ڪيو. هو اسانجي نيڪ ٻانهن مان هو.

وَنُوْحًا اِذْ نَادٰى مِنْ قَبْلُ فَاسْتَجَبْنَا لَهٗ فَنَجَّيْنٰهُ وَاَهْلَهٗ مِنَ الْكَرْبِ الْعَظِيْمِ ﴿٧٦﴾

٧٧ ۽ (ياد ڪر) نوح کي جڏهين انهي (يعني ابراهيم جي واقعي) کان پهرين (اسانکي) پڪاريو ۽ اسان انهيءَ جي دعا ٻڌي. پوءِ اسان انهيءَ کي بہ ۽ انهيءَ جي ڪٽنب کي بہ هڪ وڏي گهٻراهٽ کان ڇوٽڪارو ڏنو.

وَنَصَرْنٰهُ مِنَ الْقَوْمِ الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا ۭ

٧٨ ۽ اسان انهيءَ جي انهيءَ قوم جي مقابلي

إِنَّهُمْ كَانُوا قَوْمَ سَوْءٍ فَأَغْرَقْنٰهُمْ أَجْمَعِينَ ﴿٧٨﴾

۽ مدد ڪئي جنهن اسانجي نشانين کي ڪوڙو ڪيو هو. اها ڏاڍي بري قوم هئي پوءِ اسان انهن سڀني کي غرق ڪري ڇڏيو.

وَدَاوُدَ وَسُلَيْمٰنَ إِذْ يَحْكُمٰنِ فِي الْحَرْثِ إِذْ نَفَشَتْ فِيهِ غَنَمُ الْقَوْمِ ۚ وَكُنَّا لِحُكْمِهِمْ شٰهِدِينَ ﴿٧٩﴾

٧٩. ۽ (ياد ڪر) دائود ۽ سليمان کي به جڏهين اهي ٻنهي هڪ پوک جي جهڳڙي ۾ فيصلو ڪري رهيا هئا. انهيءَ وقت جڏهين هڪ قوم جا عامي ماڻهو انهيءَ کي کائي ويا هئا (يعني تباهه ڪري ويا هئا) ۽ اسان انهن جي فيصلي جا شاهد هئاسين.

فَفَهَّمْنٰهَا سُلَيْمٰنَ ۚ وَكُلًّا آتَيْنَا حُكْمًا وَعِلْمًا ۫ وَسَخَّرْنَا مَعَ دَاوُدَ الْجِبَالَ يُسَبِّحْنَ وَالطَّيْرَ ۚ وَكُنَّا فٰعِلِينَ ﴿٨٠﴾

٨٠. اسان اصل معاملو سليمان کي سمجهائي ڇڏيو. ۽ سڀني کي ئي اسان حڪم ۽ علم عطا ڪيو هو ۽ اسان دائود سان جبلن جي ماڻهن کي به ۽ پکين کي به ڪم تي لڳائي ڇڏيو هو اهي سڀني خدا جي تسبيح ڪندا هئا ۽ اسان اهو سڀڪجهه ڪرڻ تي قادر هئاسين.

وَعَلَّمْنٰهُ صَنْعَةَ لَبُوسٍ لَّكُمْ لِتُحْصِنَكُم مِّنْ بَأْسِكُمْ ۚ فَهَلْ أَنتُمْ شٰكِرُونَ ﴿٨١﴾

٨١. ۽ اسان انهيءَ کي هڪ پوشاڪ ٺاهڻ سيکاري هئي انهيءَ لاءِ ته هو توهانجي جان لڙائي ۾ بچائي - پوءِ ڇا توهان شڪر گذار بڻيا؟

وَلِسُلَيْمٰنَ الرِّيحَ عَاصِفَةً تَجْرِي بِأَمْرِهِ إِلَى الْأَرْضِ الَّتِي بٰرَكْنَا فِيهَا ۚ وَكُنَّا بِكُلِّ شَيْءٍ عٰلِمِينَ ﴿٨٢﴾

٨٢. ۽ اسان سليمان جي لاءِ تيز هوا کي به تابع ڪري ڇڏيو هو - جيڪا انهيءَ جي حڪم جي مطابق هلندي هئي. انهيءَ زمين ڏانهن جنهن ۾ اسان برڪت رکي هئي ۽ اسان سڀڪجهه ڄاڻون ٿا.

وَمِنَ الشَّيٰطِينِ مَن يَغُوصُونَ لَهُ وَيَعْمَلُونَ عَمَلًا دُونَ ذٰلِكَ ۖ وَكُنَّا لَهُمْ حٰفِظِينَ ﴿٨٣﴾

٨٣. ۽ ڪي سرڪش ماڻهو اهڙا هئا جيڪي انهيءَ لاءِ سمنڊن ۾ ٽٻيون هڻندا هئا ۽ انهيءَ ڪانسواءِ به ٻيو ڪم ڪندا هئا ۽ اسان انهن لاءِ سنڀال جو ڪم ڪندا هئاسين.

وَأَيُّوبَ إِذْ نَادٰى رَبَّهُ أَنِّي مَسَّنِيَ الضُّرُّ وَأَنتَ

٨٤. ۽ (تون) ايوب کي (به ياد ڪر) جڏهين

اَرْحَمُ الرّٰحِمِيْنَ ﴿٨٤﴾

هن پنهن جي رب کي پڪاري چيو تہ منهن جي حالت هيءَ آهي جو مونکي تڪليف اچي ورتو آهي ۽ اي خدا ! تون تہ سڀني رحم ڪرڻ وارن کان وڌيڪ رحم ڪرڻ وارو آهين.

فَاسْتَجَبْنَا لَهٗ فَكَشَفْنَا مَا بِهٖ مِنْ ضُرٍّ وَّاٰتَيْنٰهُ اَهْلَهٗ وَمِثْلَهُمْ مَّعَهُمْ رَحْمَةً مِّنْ عِنْدِنَا وَذِكْرٰى لِلْعٰبِدِيْنَ ﴿٨٥﴾

٨٥- پوءِ اسان انهيءَ جي دعا ٻڌي ۽ جيڪا تڪليف انهيءَ کي پهتل هئي انهيءَ کي دور ڪري ڇڏيو. ۽ هن کي انهيءَ جو اهل (و عيال) بہ ڏنا ۽ انهن کانسواءِ پنهن جي طرفان رحم ڪندي ٻيا بہ ڏنا. ۽ اسان انهيءَ واقعي کي عبادت گذارن لاءِ هڪ نصيحت جو موجب بنايو آهي.

وَاِسْمٰعِيْلَ وَاِدْرِيْسَ وَذَا الْكِفْلِ ۖ كُلٌّ مِّنَ الصّٰبِرِيْنَ ﴿٨٦﴾

٨٦- ۽ اسماعيل کي بہ (ياد ڪر) ۽ ادريس کي بہ ۽ ذوالڪفل کي بہ - اهي سڀئي صبر ڪرڻ وارا هئا.

وَاَدْخَلْنٰهُمْ فِيْ رَحْمَتِنَا ۖ اِنَّهُمْ مِّنَ الصّٰلِحِيْنَ ﴿٨٧﴾

٨٧- ۽ اسان انهن سڀني کي پنهن جي رحمت ۾ داخل ڪيوهو ۽ اهي سڀئي نيڪو ڪار هئا.

وَذَا النُّوْنِ اِذْ ذَّهَبَ مُغَاضِبًا فَظَنَّ اَنْ لَّنْ نَّقْدِرَ عَلَيْهِ فَنَادٰى فِى الظُّلُمٰتِ اَنْ لَّآ اِلٰهَ اِلَّآ اَنْتَ سُبْحٰنَكَ ۖ اِنِّيْ كُنْتُ مِنَ الظّٰلِمِيْنَ ﴿٨٨﴾

٨٨- ۽ ذوالنون (يعني يونس کي بہ ياد ڪر) جڏهين هو غصي جي حالت ۾ هليو ويو ۽ دل ۾ يقين هئس تہ اسان ڪيس تنگ نہ ڪنداسين. پوءِ تڪليفن ۾ انهيءَ اسانکي پڪاريو (۽ چيو) تہ توکانسواءِ ڪوبہ معبود ڪونهي تون پاڪ آهين. مان يقينن ظلم ڪرڻ وارن مان هوس.

فَاسْتَجَبْنَا لَهٗ ۙ وَنَجَّيْنٰهُ مِنَ الْغَمِّ ۭ وَكَذٰلِكَ نُـْۨجِي الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿٨٩﴾

٨٩- پوءِ اسان انهيءَ جي دعا کي ٻڌو ۽ غم کان انهيءَ کي نجات ڏني ۽ اسان اهڙيءَ طرح مومنن کي نجات ڏيندا آهيون.

وَزَكَرِيَّآ اِذْ نَادٰى رَبَّهٗ رَبِّ لَا تَذَرْنِيْ فَرْدًا وَّاَنْتَ خَيْرُ الْوٰرِثِيْنَ ﴿٩٠﴾

٩٠- ۽ زڪريا کي بہ (ياد ڪر) جڏهين انهي پنهن جي رب کي پڪاريو هو ۽ چيو هو تہ اي منهنجا رب مونکي اڪيلو نہ ڇڏ. ۽ تون

وارث ٺيڻ وارن مان سڀني کان بهتر آهين.

فَاسْتَجَبْنَا لَهٗ ۡ وَوَهَبْنَا لَهٗ يَحْيٰى وَاَصْلَحْنَا لَهٗ زَوْجَهٗ ؕ اِنَّهُمْ كَانُوْا يُسٰرِعُوْنَ فِى الْخَيْرٰتِ وَيَدْعُوْنَنَا رَغَبًا وَّرَهَبًا ؕ وَكَانُوْا لَنَا خٰشِعِيْنَ ۝٩١

٩١. ۽ اسان هن جي دعا ٻڌي ۽ کيس يحيٰ عطا ڪيو ۽ سندس زال کي سندس خاطر تندرست ڪري ڇڏيو. اهي سڀئي ماڻهو نيڪين ۾ جلدي ڪندا هئا ۽ اسانکي محبت ۽ خوف سان پڪاريندا هئا ۽ اسانجي خاطر عاجزيءَ جي زندگي بسر ڪندا هئا.

وَالَّتِىْٓ اَحْصَنَتْ فَرْجَهَا فَنَفَخْنَا فِيْهَا مِنْ رُّوْحِنَا وَجَعَلْنٰهَا وَابْنَهَآ اٰيَةً لِّلْعٰلَمِيْنَ ۝٩٢

٩٢. ۽ انهيءَ عورت کي به (يادڪر) جنهن پنهن جي ناموس جي حفاظت ڪئي پوءِ اسان انهيءَ تي پنهن جو ڪجهه ڪلام نازل ڪيو ۽ انهيءَ کي ۽ انهيءَ جي پٽ کي دنيا جي لاءِ هڪ نشان بڻايو.

اِنَّ هٰذِهٖٓ اُمَّتُكُمْ اُمَّةً وَّاحِدَةً ۖ وَّاَنَا رَبُّكُمْ فَاعْبُدُوْنِ ۝٩٣

٩٣. هيءَ تنهن جي امت هڪ ئي امت آهي ۽ مان توهانجو رب آهيان پوءِ توهان منهن جي ئي عبادت ڪيو.

وَتَقَطَّعُوْٓا اَمْرَهُمْ بَيْنَهُمْ ؕ كُلٌّ اِلَيْنَا رٰجِعُوْنَ ۝٩٤ ع

٩٤. ۽ انهن (يعني نبين جي مخالفن) پنهن جي دين کي ٽڪرا ٽڪرا (ڪري پنهن جي حال سارو ٽڪري کي اختيار) ڪيو آهي (حالانڪ) اهي سڀئي اسان ڏانهن موٽي اچڻا آهن.

فَمَنْ يَّعْمَلْ مِنَ الصّٰلِحٰتِ وَهُوَ مُؤْمِنٌ فَلَا كُفْرَانَ لِسَعْيِهٖ ۚ وَاِنَّا لَهٗ كٰتِبُوْنَ ۝٩٥

٩٥. پوءِ جيڪو به حال سارو عمل ڪندو ۽ انهيءَ سان گڏ مومن به هوندو ته انهيءَ جي ڪوشش کي رد نه ڪيو ويندو ۽ اسان انهيءَ جي نيڪ عملن کي لکي رکنداسين.

وَحَرٰمٌ عَلٰى قَرْيَةٍ اَهْلَكْنٰهَآ اَنَّهُمْ لَا يَرْجِعُوْنَ ۝٩٦

٩٦. ۽ هر هڪ ڳوٺ جنهن کي اسان تباهه ڪيو آهي انهيءَ لاءِ اهو فيصلو ڪيو ويو آهي ته انهيءَ جي رهڻ وارا موٽي هن دنيا ۾ نه ايندا.

حَتّٰٓى اِذَا فُتِحَتْ يَاْجُوْجُ وَمَاْجُوْجُ وَهُمْ مِّنْ كُلِّ

٩٧. ايستائين جو ياجوج ۽ ماجوج لاءِ دروازو

حَدَبٍ يَّنْسِلُوْنَ ﴿٩٦﴾

ڪوليو ويندو ۽ اهي هر جبل ۽ هر سمنڊ جي لهر کي اورانگهيندي دنيا ۾ پکڙجي ويندا.

وَاقْتَرَبَ الْوَعْدُ الْحَقُّ فَاِذَا هِيَ شَاخِصَةٌ اَبْصَارُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا ؕ يٰوَيْلَنَا قَدْ كُنَّا فِيْ غَفْلَةٍ مِّنْ هٰذَا بَلْ كُنَّا ظٰلِمِيْنَ ﴿٩٧﴾

٩٨- ۽ (خدا جو) سچو واعدو ويجهو اچي ويندو تہ انهيءَ وقت ڪافرن جون اکيون ڦاٽل رهجي ونديون ۽ اهي چوندا اسان تي افسوس! اسان تہ انهيءَ ڏينهن متعلق سخت غفلت ۾ پئي رهياسين پر اسان ماڻهو تہ ظالم هئاسين.

اِنَّكُمْ وَمَا تَعْبُدُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ حَصَبُ جَهَنَّمَ ؕ اَنْتُمْ لَهَا وٰرِدُوْنَ ﴿٩٨﴾

٩٩- (انهيءَ وقت چيو ويندو تہ) توهان بہ ۽ جن شين جي توهان الله کانسواءِ پوڄا ڪندا هئا سيئي جهنم جو ٻارڻ بڻبا توهان سڀ انهيءَ ۾ داخل ٿيندا.

لَوْ كَانَ هٰٓؤُلَآءِ اٰلِهَةً مَّا وَرَدُوْهَا ؕ وَكُلٌّ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿٩٩﴾

١٠٠- جيڪڏهن اهي (هنراڏو خدا جن کي توهان خدا ٺهرايو) واقعي خدا هجن ها تہ هي ماڻهو جو جهنم ۾ پون ها ۽ اهي سڀ تہ مدتن تائين انهيءَ ۾ پيا رهندا.

لَهُمْ فِيْهَا زَفِيْرٌ وَّهُمْ فِيْهَا لَا يَسْمَعُوْنَ ﴿١٠٠﴾

١٠١- اهي انهيءَ ۾ رڙيون ڪندا ۽ اهي انهيءَ ۾ (سمجهاڻ وارن مان ڪنهن جي) ڳالهہ نہ ٻڌندا.

اِنَّ الَّذِيْنَ سَبَقَتْ لَهُمْ مِّنَّا الْحُسْنٰٓى ۙ اُولٰٓئِكَ عَنْهَا مُبْعَدُوْنَ ﴿١٠١﴾

١٠٢- يقينن اهي ماڻهو جن جي متعلق اسانجي طرفان نيڪ سلوڪ جو واعدو ٿي چڪو آهي اهي انهيءَ دوزخ کان پري رکيا ويندا.

لَا يَسْمَعُوْنَ حَسِيْسَهَا ۚ وَهُمْ فِيْ مَا اشْتَهَتْ اَنْفُسُهُمْ خٰلِدُوْنَ ﴿١٠٢﴾

١٠٣- اهي انهيءَ جو آواز بہ نہ ٻڌندا ۽ اهي انهيءَ (حالت) ۾ جنهن لاءِ سندن دليون چاهين ٿيون هميشه رهندا.

لَا يَحْزُنُهُمُ الْفَزَعُ الْاَكْبَرُ وَتَتَلَقّٰىهُمُ الْمَلٰٓئِكَةُ ؕ هٰذَا يَوْمُكُمُ الَّذِيْ كُنْتُمْ تُوْعَدُوْنَ ﴿١٠٣﴾

١٠٤- وڏي پريشانيءَ جو وقت بہ انهن کي غمگين نہ ڪندو ۽ فرشتا انهن سان ملندا ۽ چوندا هي اهو توهانجو ڏينهن آهي جنهن جو

توهان سان واعدو ڪيو ويو هو.

يَوۡمَ نَطۡوِى السَّمَآءَ كَطَىِّ السِّجِلِّ لِلۡكُتُبِ‌ؕ كَمَا بَدَاۡنَاۤ اَوَّلَ خَلۡقٍ نُّعِيۡدُهٗ‌ ؕ وَعۡدًا عَلَيۡنَا‌ ؕ اِنَّا كُنَّا فٰعِلِيۡنَ ﴿١٠٤﴾

١٠٥- جنهن ڏينهن اسان آسمان کي ائين ويڙهينداسين جيئن بندبون لکيت کي ويڙهينديون آهن جهڙيءَ طرح اسان توهانجي پيدائش کي پهرئين دفعي شروع ڪيو هو اهڙيءَ طرح انهيءَ کي دهرائينداسين هيءَ اسان پنهن جي مٿان لازم ڪري رکيو آهي ۽ ائين ني ڪرڻ جو ارادو رکونٿا.

وَلَقَدۡ كَتَبۡنَا فِى الزَّبُوۡرِ مِنۡۢ بَعۡدِ الذِّكۡرِ اَنَّ الۡاَرۡضَ يَرِثُهَا عِبَادِىَ الصّٰلِحُوۡنَ ﴿١٠٥﴾

١٠٦- ۽ اسان زبور ۾ ڪجهہ نصيحتون ڪرڻ کانپوءِ اهو لکي ڇڏيو آهي تہ (پاڪ) زمين جا وارث منهنجا نيڪ ٻانهان هوندا.

اِنَّ فِىۡ هٰذَا لَبَلٰغًا لِّقَوۡمٍ عٰبِدِيۡنَ ؕ ﴿١٠٦﴾

١٠٧- هن (مضمون) ۾ هڪ نياپو آهي هن قوم لاءِ جيڪا عبادت گذار آهي.

وَمَاۤ اَرۡسَلۡنٰكَ اِلَّا رَحۡمَةً لِّلۡعٰلَمِيۡنَ ﴿١٠٧﴾

١٠٨- ۽ اسان توکي دنيا جي لاءِ صرف رحمت بنائي موڪليو آهي.

قُلۡ اِنَّمَا يُوۡحٰٓى اِلَىَّ اَنَّمَاۤ اِلٰهُكُمۡ اِلٰـهٌ وَّاحِدٌ‌ ۚ فَهَلۡ اَنۡتُمۡ مُّسۡلِمُوۡنَ ﴿١٠٨﴾

١٠٩- تون چؤ تہ مونتي تہ صرف هي وحي ٿئي ٿي تہ توهانجو خدا هڪ آهي پوءِ ڇا توهان اها ڳالهہ گهرندا (يا نہ؟)

فَاِنۡ تَوَلَّوۡا فَقُلۡ اٰذَنۡتُكُمۡ عَلٰى سَوَآءٍ‌ ؕ وَاِنۡ اَدۡرِىۡۤ اَقَرِيۡبٌ اَمۡ بَعِيۡدٌ مَّا تُوۡعَدُوۡنَ ﴿١٠٩﴾

١١٠- پوءِ جيڪڏهن اهي پٺي ڦيري ڇڏين تہ تون انهن کي چؤ تہ مون توهان (مان مومن ۽ ڪافر) کي هڪ جهڙي خبر ڏيئي ڇڏي آهي ۽ مان نٿو ڄاڻان تہ اها ڳالهہ جنهن جو توهان سان واعدو ڪيو ويو هو ويجهي آهي يا ڏور.

اِنَّهٗ يَعۡلَمُ الۡجَـهۡرَ مِنَ الۡقَوۡلِ وَيَعۡلَمُ مَا تَكۡتُمُوۡنَ ﴿١١٠﴾

١١١- خدا ظاهر ڳالهہ کي بہ ڄاڻيٿو ۽ جيڪي توهان لڪايو ٿا انهيءَ کي بہ ڄاڻيٿو.

وَاِنۡ اَدۡرِىۡ لَعَلَّهٗ فِتۡنَةٌ لَّكُمۡ وَمَتَاعٌ اِلٰى حِيۡنٍ ﴿١١١﴾

١١٢- ۽ مان نٿو ڄاڻان تہ اها (ڳالهہ جيڪا مٿي بيان ٿي آهي) شايد توهان لاءِ هڪ آزمائش آهي ۽ (انهيءَ سان) هڪ عرصي

تائين توهانکي فائدو پهچائڻ مدنظر آهي (يا هميشه جي لاءِ).

قٰلَ رَبِّ احْكُمْ بِالْحَقِّ ۗ وَرَبُّنَا الرَّحْمٰنُ الْمُسْتَعَانُ عَلٰى مَا تَصِفُوْنَ ﴿١١٣﴾ ع

١١٣. (هن وحي جي نازل ٿيڻ تي محمد رسول الله صلي الله عليه وصلعم) فرمايو اي منهنجا رب! تون حق جي مطابق فيصلو ڪر. ۽ اسانجا رب تون رحمان آهين. ۽ (اي ڪافرو) جيڪي توهان ڳالهيون ڪيو ٿا انهن جي خلاف انهيءَ کان مدد گهري وڃي ٿي.

سُوْرَةُ الْحَجِّ مَدَنِيَّةٌ وَّهِيَ مَعَ الْبَسْمَلَةِ تِسْعٌ وَّسَبْعُوْنَ اٰيَةً وَّعَشْرُ رُكُوْعَاتٍ

سورت حج - هي سورت مدني آهي ۽ بسم الله سميت هن جون اٺاسي آيتون ۽ ڏهه رڪوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۝١

١- (مان) الله جو نالو وٺي جيڪو بيحد ڪرم ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي (پڙهانٿو)

يٰٓاَيُّهَا النَّاسُ اتَّقُوْا رَبَّكُمْ ۚ اِنَّ زَلْزَلَةَ السَّاعَةِ شَيْءٌ عَظِيْمٌ ۝٢

٢- اي انسانو! توهان پنهنجي رب جو تقوي ڪيو - ڇو جو (فيصلي وارو) زلزلو تمام وڏي شيءِ آهي.

يَوْمَ تَرَوْنَهَا تَذْهَلُ كُلُّ مُرْضِعَةٍ عَمَّآ اَرْضَعَتْ وَتَضَعُ كُلُّ ذَاتِ حَمْلٍ حَمْلَهَا وَتَرَى النَّاسَ سُكٰرٰى وَمَا هُمْ بِسُكٰرٰى وَلٰكِنَّ عَذَابَ اللّٰهِ شَدِيْدٌ ۝٣

٣- جنهن ڏينهن توهان انهيءَ کي ڏسندؤ هر ڪير پيارڻ واري عورت، جنهنکي ڪير پياري رهي هوندي، انهيءَ کي وساري ڇڏيندي ۽ هر ڪا پيٽ واري عورت پنهن جو حمل ڪيرائي ڇڏيندي - ۽ تون ماڻهن کي ڏسندين تہ اهي نشين وانگر هوندا، حالانڪ اهي نشئي نہ هوندا پر الله جو عذاب ڏاڍو سخت آهي.

وَمِنَ النَّاسِ مَنْ يُّجَادِلُ فِي اللّٰهِ بِغَيْرِ عِلْمٍ وَّيَتَّبِعُ كُلَّ شَيْطٰنٍ مَّرِيْدٍ ۝٤

٤- ۽ ماڻهن مان ڪي اهڙا بہ هوندا آهن. جيڪي الله جي باري ۾ جاڻ کانسواءِ بحث ڪندا آهن (۽) هر هڪ کان هٺيل ۽ سرڪش جي پيروي ڪندا آهن.

كُتِبَ عَلَيْهِ اَنَّهٗ مَنْ تَوَلَّاهُ فَاَنَّهٗ يُضِلُّهٗ وَيَهْدِيْهِ اِلٰى عَذَابِ السَّعِيْرِ ۝٥

٥- (حالانڪ) انهن (سرڪشن ۽ حق کان پري ماڻهن) جي متعلق فيصلو ڪيو ويو آهي تہ جيڪو (شخص) بہ اهڙن ماڻهن مان ڪنهن سان دوستي ڪندو اِهو (سرڪش ۽ حق کان پري شخص) انهيءَ کي بہ گمراهہ ڪري ڇڏيندو ۽ دوزخ جي عذاب ڏانهن وٺي ويندو.

يٰٓاَيُّهَا النَّاسُ اِنْ كُنْتُمْ فِيْ رَيْبٍ مِّنَ الْبَعْثِ فَاِنَّا

٦- اي انسانو ! جيڪڏهن توهان ٻيهر اٿارڻ

خَلَقْنٰكُمْ مِّنْ تُرَابٍ ثُمَّ مِنْ نُّطْفَةٍ ثُمَّ مِنْ عَلَقَةٍ
ثُمَّ مِنْ مُّضْغَةٍ مُّخَلَّقَةٍ وَّغَيْرِ مُخَلَّقَةٍ لِّنُبَيِّنَ
لَكُمْ ؕ وَنُقِرُّ فِي الْاَرْحَامِ مَا نَشَآءُ اِلٰٓى اَجَلٍ مُّسَمًّى
ثُمَّ نُخْرِجُكُمْ طِفْلًا ثُمَّ لِتَبْلُغُوْٓا اَشُدَّكُمْ ۚ وَمِنْكُمْ
مَّنْ يُّتَوَفّٰى وَمِنْكُمْ مَّنْ يُّرَدُّ اِلٰٓى اَرْذَلِ الْعُمُرِ لِكَيْلَا
يَعْلَمَ مِنْۢ بَعْدِ عِلْمٍ شَيْـًٔا ؕ وَتَرَى الْاَرْضَ هَامِدَةً
فَاِذَآ اَنْزَلْنَا عَلَيْهَا الْمَآءَ اهْتَزَّتْ وَرَبَتْ وَاَنْۢبَتَتْ
مِنْ كُلِّ زَوْجٍۢ بَهِيْجٍ ۝٥

متعلق شڪ ۾ آهيو ته (ياد رکو) اسان توهانکي پهرين مٽيءَ مان پيدا ڪيو هو پوءِ نطفي مان - پوءِ ترقي ڏيئي هڪ اهڙي حالت مان جيڪا چمبڙي پوڻ جي خاصيت رکندي هئي. پوءِ اهڙي حالت مان جيڪا هڪ ٻوٽيءَ وانگر هئي - ڪجهه عرصي تائين ته اها هڪ ڪامل ٻوٽيءَ جي شڪل ۾ رهي ۽ ڪجهه عرصي تائين ناقص ٻوٽيءَ جي شڪل ۾ رهي انهيءَ لاءِ ته اسان توهان تي (حقيقت حال) ظاهر ڪري ڇڏيون ۽ اسان جنهن شيءِ کي گهرون ٿا رحمن ۾ هڪ مدت تائين قائم ڪري ڇڏيون ٿا. پوءِ اسان توهانکي هڪ ٻچي جي شڪل ۾ ڪڍون ٿا (پوءِ وڌائيندا وڃون ٿا) جنهن جو نتيجو هيءُ ٿئي ٿو جو توهان پنهن جي مضبوطيءَ (جي عمر) کي پهچي وڃو ٿا. ۽ توهان مان ڪي اهڙا هوندا آهن جيڪي پنهن جي طبعي عمر کي پهچي فوت ٿي وڃن ٿا. ۽ ڪي توهان مان اهڙا هوندا آهن جيڪي پنهن جي انتهائي ٻڍاپي جي عمر کي پهچي ويندا آهن. انهيءَ لاءِ ته گهڻو علم حاصل ڪرڻ کانپوءِ بالڪل علم کان ڪورا ٿي وڃن. ۽ تون زمين کي ڏسين ٿو ته اها (ڪڏهين ڪڏهين) پنهن جي سب طاقت وڃائي ويهندي آهي - پوءِ جڏهين اسان انهيءَ تي پاڻي نازل ڪندا آهيون ته اها جوش ۾ اچي ويندي آهي ۽ وڌڻ لڳندي آهي ۽ هر قسم جي خوبصورت ٻوڪ ڄمڻ لڳندي آهي.

ذٰلِكَ بِاَنَّ اللّٰهَ هُوَ الْحَقُّ وَاَنَّهٗ يُحْيِ الْمَوْتٰى وَ
اَنَّهٗ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ۝٦

٦ اهو انهيءَ لاءِ ٿيندو آهي ته (ظاهر ڪيو وڃي ته) الله ئي قائم رهڻ واري ۽ قائم رکڻ واري هستي آهي ۽ اهو مردن کي زنده ڪندو آهي ۽ هر شئي تي قادر آهي.

ڏينهن فيصلو ڪندو الله يقينن هر هڪ شيءِ جو نگهبان آهي.

أَلَمْ تَرَ أَنَّ اللَّهَ يَسْجُدُ لَهُ مَنْ فِي السَّمٰوٰتِ وَمَنْ فِي الْأَرْضِ وَالشَّمْسُ وَالْقَمَرُ وَالنُّجُومُ وَالْجِبَالُ وَالشَّجَرُ وَالدَّوَآبُّ وَكَثِيرٌ مِّنَ النَّاسِ ۖ وَكَثِيرٌ حَقَّ عَلَيْهِ الْعَذَابُ ۗ وَمَنْ يُّهِنِ اللَّهُ فَمَا لَهُ مِنْ مُّكْرِمٍ ۚ إِنَّ اللَّهَ يَفْعَلُ مَا يَشَآءُ ۩ ﴿١٩﴾ السجدة

١٩. (اي اسلام جا مخالف) ڇا تون نٿو ڏسين تہ جيڪي ڪي آسمان ۾ آهي اهو الله جي فرمانبرداري ڪريٿو ۽ اهڙيءَ طرح جيڪي ڪجهہ زمين ۾ آهي ۽ سج بہ ۽ چنڊ بہ ۽ تارا بہ ۽ پهاڙ بہ ۽ وڻ بہ ۽ چوپايا بہ ۽ ماڻهن مان بہ ڪيترائي. پر ماڻهن مان هڪ وڏو گروهہ اهڙو آهي جنهن جي متعلق عذاب جو فيصلو ٿي چڪو آهي ۽ جنهن کي خدا ذليل ڪري انهي کي ڪوبہ عزت ڏيڻ وارو ڪونهي, الله جو ڪجهہ چاهيٿو ڪريٿو.

هٰذٰنِ خَصْمٰنِ اخْتَصَمُوا فِي رَبِّهِمْ ۖ فَالَّذِينَ كَفَرُوا قُطِّعَتْ لَهُمْ ثِيَابٌ مِّنْ نَّارٍ ۖ يُصَبُّ مِنْ فَوْقِ رُءُوسِهِمُ الْحَمِيمُ ﴿٢٠﴾

٢٠. هي بہ هڪ ٻئي سان مخالفت ڪرڻ وارا گروهہ اهڙا آهن جيڪي پنهن جي رب جي باري ۾ بحث ڪري رهيا آهن. پوءِ جيڪي الله جي مٿي ذڪر ڪيل صفتن جا منڪر ٿيا انهن لاءِ باهہ جا ڪپڙا ناهيا ويندا ۽ انهن جي مٿي تي گرم گرم پاڻي وڌو ويندو.

يُصْهَرُ بِهِ مَا فِي بُطُونِهِمْ وَالْجُلُودُ ﴿٢١﴾

٢١. ايستائين جو انهي گرم پاڻيءَ جي سببان جيڪي انهن جي پيٽ ۾ آهي اهو بہ ڳري ويندو ۽ انهن جي چمڙي بہ (ڳري ويندي).

وَلَهُمْ مَّقَامِعُ مِنْ حَدِيدٍ ﴿٢٢﴾

٢٢. ۽ انهن لاءِ لوهہ جا هٿوڙا (تيار ڪيا ويندا).

كُلَّمَا أَرَادُوا أَنْ يَّخْرُجُوا مِنْهَا مِنْ غَمٍّ أُعِيدُوا فِيهَا ۚ وَذُوقُوا عَذَابَ الْحَرِيقِ ﴿٢٣﴾ ع ٩

٢٣. جڏهين اهي غم ۽ فڪر جي سببان انهيءَ عذاب مان نڪرڻ جي ڪوشش ڪندا تہ وري (بہ) انهيءَ ڏانهن واپس ڪيا ويندا (۽ چيو ويندو) ساڙڻ وارو عذاب ڀوڳيندا رهو.

إِنَّ اللَّهَ يُدْخِلُ الَّذِينَ آمَنُوا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ

٢٤. الله يقينن مومنن کي جيڪي حال سارو عمل بہ ڪن ٿا اهڙن باغن ۾ رکندو جن

جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ يُحَلَّوْنَ فِيْهَا مِنْ اَسَاوِرَ مِنْ ذَهَبٍ وَّلُؤْلُؤًا ؕ وَلِبَاسُهُمْ فِيْهَا حَرِيْرٌ ﴿۲۳﴾

(جي چانو ۾) نهرون وهي رهيون هونديون. انهن کي انهيءَ ۾ سون ۽ موتين جي جڙاوت وارا ڪنگڻ پارايا ويندا ۔ ۽ انهن جو لباس انهيءَ ۾ ريشم هوندو.

وَهُدُوْۤا اِلَى الطَّيِّبِ مِنَ الْقَوْلِ ۚۖ وَهُدُوْۤا اِلٰى صِرَاطِ الْحَمِيْدِ ﴿۲۴﴾

٢٥۔ ۽ انهن جي پاڪ ڳالهين جي طرف رهنمائي ڪئي ويندي ۽ خدا جي طريقي ڏانهن هدايت ڪئي ويندي.

اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَيَصُدُّوْنَ عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَالْمَسْجِدِ الْحَرَامِ الَّذِيْ جَعَلْنٰهُ لِلنَّاسِ سَوَآءَ ۨالْعَاكِفُ فِيْهِ وَالْبَادِ ؕ وَمَنْ يُّرِدْ فِيْهِ بِاِلْحَادٍۭ بِظُلْمٍ نُّذِقْهُ مِنْ عَذَابٍ اَلِيْمٍ ﴿۲۵﴾ ع

٢٦۔ (پر) اهي ماڻهو جيڪي ڪافر آهن ۽ الله جي رستي کان ۽ بيت الله جي طرف وڃڻ کان جنهن کي اسان سڀني انسانن جي فائدي لاءِ ٺاهيو آهي روڪين ٿا (حالانڪ اهو بيت الله اهڙو آهي جنهن کي اسان سڀني انسانن لاءِ بنايو آهي) انهن لاءِ بہ جيڪي انهيءَ ۾ ويهي خدا جي عبادت ڪن ٿا ۽ انهن لاءِ بہ جيڪي جهنگلن ۾ رهن ٿا ۽ جيڪو بہ شخص انهيءَ ۾ ظلم جي رستي سان ڪو ڏنگ پيدا ڪرڻ چاهيندو. انهيءَ کي اسان دردناڪ عذاب ڏينداسين.

وَاِذْ بَوَّاْنَا لِاِبْرٰهِيْمَ مَكَانَ الْبَيْتِ اَنْ لَّا تُشْرِكْ بِيْ شَيْئًا وَّطَهِّرْ بَيْتِيَ لِلطَّآئِفِيْنَ وَالْقَآئِمِيْنَ وَالرُّكَّعِ السُّجُوْدِ ﴿۲۶﴾

٢٧۔ ۽ (ياد ڪيو) جڏهين اسان ابراهيم کي بيت الله جي جاءِ تي رهائش جو موقعو ڏنو (۽ چيو) تہ ڪنهن بہ شئي کي اسانجو شريڪ نہ بناءِ ۽ منهن جي گهر کي طواف ڪرڻ وارن لاءِ ۽ بيهي عبادت ڪرڻ وارن لاءِ ۽ رڪوع ڪرڻ وارن لاءِ ۽ سجدو ڪرڻ وارن لاءِ پاڪ ڪر.

وَاَذِّنْ فِي النَّاسِ بِالْحَجِّ يَاْتُوْكَ رِجَالًا وَّعَلٰى كُلِّ ضَامِرٍ يَّاْتِيْنَ مِنْ كُلِّ فَجٍّ عَمِيْقٍ ﴿۲۷﴾

٢٨۔ ۽ سڀني ماڻهن ۾ اعلان ڪر تہ اهي حج جي نيت سان تو وٽ ايندا. ڪن پيادا بہ ۽ هر اهڙي سواري تي بہ جيڪا ڊگهي سفر جي ڪري ڏٻري ٿي وئي هجي (اهڙيون سواريون) پري پري کان ڏورانهن رستن تان

ٺينديون ايندين.

لِّيَشْهَدُوْا مَنَافِعَ لَهُمْ وَ يَذْكُرُوا اسْمَ اللّٰهِ فِيْٓ اَيَّامٍ مَّعْلُوْمٰتٍ عَلٰى مَا رَزَقَهُمْ مِّنْ بَهِيْمَةِ الْاَنْعَامِ فَكُلُوْا مِنْهَا وَ اَطْعِمُوا الْبَآئِسَ الْفَقِيْرَ ﴿٢٩﴾

٢٩. انهيءَ لاءِ تہ اهي (يعني اچڻ وارا) انهن فائدن کي ڏسن جيڪو انهن لاءِ (مقرر ڪيو ويو) آهي ۽ ڪجهہ مقرر ڏينهن ۾ الله کي انهن نعمتن جي سبباں ياد ڪن جيڪي اسان انهن کي ڏنيون آهن (يعني) وڏن جانورن جي قسم مان (جيئن ڳئون، اٺ وغيره) پوءِ گهرجي تہ اهي انهن جو گوشت کائين ۽ تڪليفن ۾ مبتلا ۽ نادارن کي کارائين

ثُمَّ لْيَقْضُوْا تَفَثَهُمْ وَلْيُوْفُوْا نُذُوْرَهُمْ وَلْيَطَّوَّفُوْا بِالْبَيْتِ الْعَتِيْقِ ﴿٣٠﴾

٣٠. پوءِ پنهن جي ميرائي دور ڪن ۽ پنهن جو نذر پورو ڪن ۽ پراڻي گهر (يعني خانہ ڪعبي) جو طواف ڪن.

ذٰلِكَ ۗ وَمَنْ يُّعَظِّمْ حُرُمٰتِ اللّٰهِ فَهُوَ خَيْرٌ لَّهٗ عِنْدَ رَبِّهٖ ۗ وَ اُحِلَّتْ لَكُمُ الْاَنْعَامُ اِلَّا مَا يُتْلٰى عَلَيْكُمْ فَاجْتَنِبُوا الرِّجْسَ مِنَ الْاَوْثَانِ وَاجْتَنِبُوْا قَوْلَ الزُّوْرِ ﴿٣١﴾

٣١. ڳالهہ هيءَ آهي تہ جيڪو شخص الله جي مقرر ڪيل عزت وارين جڳهن جي تعظيم ڪريندو تہ اهو انهيءَ جي رب وٽ انهيءَ لاءِ سٺو ٿيندو آهي ۽ اي مومنو! توهان لاءِ (سڀ) چوپايا حلال ڪيا ويا آهن ـ سواءِ انهن جي جن جي حرمت قرآن ۾ بيان ڪئي ويئي آهي پوءِ گهرجي تہ توهان بت پرستيءَ جي شرڪ کان بچو.

حُنَفَآءَ لِلّٰهِ غَيْرَ مُشْرِكِيْنَ بِهٖ ۗ وَمَنْ يُّشْرِكْ بِاللّٰهِ فَكَاَنَّمَا خَرَّ مِنَ السَّمَآءِ فَتَخْطَفُهُ الطَّيْرُ اَوْ تَهْوِيْ بِهِ الرِّيْحُ فِيْ مَكَانٍ سَحِيْقٍ ﴿٣٢﴾

٣٢. ۽ (اهڙيءَ طرح) پنهن جي عبادت ۽ فرمانبرداري صرف الله لاءِ مخصوص ڪندي ڪوڙ ڳالهائڻ کان بچو (۽) توهان خدا جو شريڪ ڪنهن کي نہ بنايو ۽ جيڪو الله جو شريڪ ڪنهنکي بنائي ٿو اهو آسمان تان ڪري پوي ٿو ۽ پکي انهيءَ کي جهڻي کڻي وڃن ٿا. ۽ هوا انهيءَ کي ڪنهن ڏورانهين جاءِ تي اڇلائي ڇڏي ٿي.

ذٰلِكَ ۗ وَمَنْ يُّعَظِّمْ شَعَآئِرَ اللّٰهِ فَاِنَّهَا مِنْ تَقْوَى

٣٣. حقيقت هيءَ آهي تہ جيڪو شخص الله جي مقرر ڪيل نشانين جي عزت ڪندو

الْقُلُوْبِ﴿۳۲﴾

انهيءَ (جي انهي فعل) کي دلين جي تقويٰ ٺهرايو ويندو.

لَكُمْ فِيْهَا مَنَافِعُ اِلٰٓى اَجَلٍ مُّسَمًّى ثُمَّ مَحِلُّهَآ اِلَى الْبَيْتِ الْعَتِيْقِ﴿۳۳﴾ ع

٣٣- (ياد رکو تہ) انهن قربانين مان هڪ مدت تائين توهانکي نفعو حاصل ڪرڻ جائز آهي پوءِ خدا جي پراڻي گهر تائين انهن کي پهچائڻ ضروري آهي.

وَلِكُلِّ اُمَّةٍ جَعَلْنَا مَنْسَكًا لِّيَذْكُرُوا اسْمَ اللّٰهِ عَلٰى مَا رَزَقَهُمْ مِّنْۢ بَهِيْمَةِ الْاَنْعَامِ فَاِلٰهُكُمْ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ فَلَهٗٓ اَسْلِمُوْا وَبَشِّرِ الْمُخْبِتِيْنَ﴿۳۴﴾

٣٤- ۽ هر هڪ قوم جيلاءِ اسان قرباني جو هڪ طريقو مقرر ڪيو آهي انهيءَ لاءِ تہ اهي انهن چوپاين تي جيڪي الله انهن کي بخشيا آهن - الله جو نالو وٺن (پوءِ ياد رکو تہ) توهانجو خدا هڪ خدا آهي. پوءِ توهان انهيءَ جي فرمانبرداري ڪيو. ۽ جيڪي (خدا جي اڳيان) عاجزي ڪرڻ وارا آهن انهن کي خوشخبري ڏي.

الَّذِيْنَ اِذَا ذُكِرَ اللّٰهُ وَجِلَتْ قُلُوْبُهُمْ وَالصّٰبِرِيْنَ عَلٰى مَآ اَصَابَهُمْ وَالْمُقِيْمِي الصَّلٰوةِ وَمِمَّا رَزَقْنٰهُمْ يُنْفِقُوْنَ﴿۳۵﴾

٣٥- اهڙن ماڻهن کي جو جڏهن الله جو نالو انهن جي اڳيان ورتو وڃي تہ انهن جون دليون ڪنبي ٿيون وڃن ۽ انهن ماڻهن کي بہ (خوشخبري ڏي) جيڪي پنهن جي مٿان نازل ٿيڻ وارين مصيبتن تي صبر ڪن ٿا ۽ نماز کي قائم ڪن ٿا ۽ جيڪي ڪي اسان انهن کي ڏنو آهي (اسانجي خوشنودي لاءِ) انهيءَ مان خرچ ڪندا رهن ٿا.

وَالْبُدْنَ جَعَلْنٰهَا لَكُمْ مِّنْ شَعَآئِرِ اللّٰهِ لَكُمْ فِيْهَا خَيْرٌ ۖ فَاذْكُرُوا اسْمَ اللّٰهِ عَلَيْهَا صَوَآفَّ ۚ فَاِذَا وَجَبَتْ جُنُوْبُهَا فَكُلُوْا مِنْهَا وَاَطْعِمُوا الْقَانِعَ وَالْمُعْتَرَّ ۚ كَذٰلِكَ سَخَّرْنٰهَا لَكُمْ لَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ﴿۳۶﴾

٣٦- ۽ اسان قربانيءَ جي اٺن کي بہ عزت جي لائق بنايو آهي انهن ۾ توهان جي لاءِ ڏاڍي ڀلائي آهي پوءِ انهن کي قطارن ۾ بيهاري انهن تي خدا جو نالو وٺو ۽ جڏهن انهن جو پاسو زمين تي لڳي تہ انهن (جي گوشت) مان خود بہ کائو ۽ انهن کي بہ کارايو جيڪي پنهن جي غربت تي قناعت ڪندڙ آهن ۽ انهن کي بہ کارايو جيڪي

پنهن جي غربت جي ڪري پريشان آهن. اهڙي طرح اسان انهن جانورن کي توهانجي فائدي جي لاءِ بنايو آهي انهيءَ لاءِ تہ توهان شڪر گذار بنجو.

لَنْ يَّنَالَ اللّٰهَ لُحُوْمُهَا وَلَا دِمَآؤُهَا وَلٰكِنْ يَّنَالُهُ التَّقْوٰى مِنْكُمْ ۭ كَذٰلِكَ سَخَّرَهَا لَكُمْ لِتُكَبِّرُوا اللّٰهَ عَلٰى مَا هَدٰىكُمْ ۭ وَبَشِّرِ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿٣٨﴾

٣٨. (ياد رکو تہ) انهن قربانين جو گوشت ۽ رت هرگز الله تائين نٿو پهچي ليڪن توهانجي دل جي تقويٰ الله تائين پهچي ٿي (حقيقت ۾) اهڙي طرح الله انهن قربانين کي توهانجي خدمت ۾ لڳائي ڇڏيو آهي انهيءَ لاءِ تہ توهان الله جي هدايت جي ڪري انهيءَ جي وڏائي بيان ڪيو. ۽ تون اسلام جي حڪمن کي پوري طرح ادا ڪرڻ وارن کي بشارت ڏي.

اِنَّ اللّٰهَ يُدٰفِعُ عَنِ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا ۭ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُحِبُّ كُلَّ خَوَّانٍ كَفُوْرٍ ﴿٣٩﴾ ع ٥

٣٩. الله يقينن انهن ماڻهن جي طرفان جن ايمان آندو آهي دفاع ڪندو رهندو. الله يقينن هر خيانت ڪرڻ واري (۽) انڪار ڪرڻ واري کي پسند نٿو ڪري.

اُذِنَ لِلَّذِيْنَ يُقٰتَلُوْنَ بِاَنَّهُمْ ظُلِمُوْا ۭ وَاِنَّ اللّٰهَ عَلٰى نَصْرِهِمْ لَقَدِيْرُ ﴿٤٠﴾

٤٠. اهي ماڻهو جن سان (سواءِ سبب جي) جنگ ڪئي وڃي ٿي انهن کي بہ (جنگ ڪرڻ جي) اجازت ڏني وڃي ٿي ڇو جو انهن تي ظلم ڪيو ويو آهي ۽ الله انهن جي مدد تي قادر آهي.

الَّذِيْنَ اُخْرِجُوْا مِنْ دِيَارِهِمْ بِغَيْرِ حَقٍّ اِلَّآ اَنْ يَّقُوْلُوْا رَبُّنَا اللّٰهُ ۭ وَلَوْلَا دَفْعُ اللّٰهِ النَّاسَ بَعْضَهُمْ بِبَعْضٍ لَّهُدِّمَتْ صَوَامِعُ وَبِيَعٌ وَّصَلَوٰتٌ وَّمَسٰجِدُ يُذْكَرُ فِيْهَا اسْمُ اللّٰهِ كَثِيْرًا ۭ وَلَيَنْصُرَنَّ اللّٰهُ مَنْ يَّنْصُرُهٗ ۭ اِنَّ اللّٰهَ لَقَوِيٌّ عَزِيْزٌ ﴿٤١﴾

٤١. (هي اهي ماڻهون آهن) جنکي انهن جي گهرن مان صرف ايترو چوڻ تي تہ الله اسانجو رب آهي بنان ڪنهن جائز سبب جي ڪڍيو ويو ۽ جيڪڏهن الله انهن (يعني ڪافرن) کان ڪن کي ڪن جي ذريعي (شرارت کان) باز نہ رکي ها ديوليون ۽ يهودين جون عبادت گاهون ۽ مسجدون جن ۾ الله جو ڪثرت سان نالو ورتو وڃي ٿو برباد ڪيون

وجن ها ۽ الله يقينن انهيءَ جي مدد ڪندو جيڪو انهي (جي دين) جي مدد ڪندو. الله يقينن گهڻو طاقتور (۽) غالب آهي.

اَلَّذِيْنَ اِنْ مَّكَّنّٰهُمْ فِي الْاَرْضِ اَقَامُوا الصَّلٰوةَ وَاٰتَوُا الزَّكٰوةَ وَاَمَرُوْا بِالْمَعْرُوْفِ وَنَهَوْا عَنِ الْمُنْكَرِ ۗ وَلِلّٰهِ عَاقِبَةُ الْاُمُوْرِ ﴿٤٢﴾

٤٢. هي (يعني مهاجر مسلمان) اهي ماڻهو آهن جو جيڪڏهين اسان انهن کي دنيا ۾ طاقت بخشيون تہ اهي نماز کي قائم ڪندا ۽ زڪواتون ڏيندا ۽ نيڪ ڳالهين جو حڪم ڏيندا ۽ برين ڳالهين کان روڪيندا ۽ سڀني ڳالهين جي پڄاڙي خدا جي هٿ ۾ آهي.

وَاِنْ يُّكَذِّبُوْكَ فَقَدْ كَذَّبَتْ قَبْلَهُمْ قَوْمُ نُوْحٍ وَّعَادٌ وَّثَمُوْدُ ۙ﴿٤٣﴾

٤٣. ۽ جيڪڏهن (اهي دشمن) توکي ڪوڙو ڪن ٿا, تہ انهن کان پهرين نوح جي قوم بہ ۽ عاد ۽ ثمود بہ.

وَقَوْمُ اِبْرٰهِيْمَ وَقَوْمُ لُوْطٍ ۙ﴿٤٤﴾

٤٤. ۽ ابراهيم جي قوم بہ ۽ لوط جي قوم بہ

وَّاَصْحٰبُ مَدْيَنَ ۚ وَكُذِّبَ مُوْسٰى فَاَمْلَيْتُ لِلْكٰفِرِيْنَ ثُمَّ اَخَذْتُهُمْ ۚ فَكَيْفَ كَانَ نَكِيْرِ ﴿٤٥﴾

٤٥. ۽ مدين جي اصحابن بہ (پنهنجي نبين کي) ڪوڙو ڪيو هو ۽ موسيٰ کي بہ ڪوڙو ڪيو ويو هو پوءِ مون انڪار ڪرڻ وارن کي ڪجهہ ڍر ڏني (۽) انهن کي پڪڙيو. پوءِ (سو چو تہ) منهنجو انڪار ڪهڙو خطرناڪ هو.

فَكَاَيِّنْ مِّنْ قَرْيَةٍ اَهْلَكْنٰهَا وَهِيَ ظَالِمَةٌ فَهِيَ خَاوِيَةٌ عَلٰى عُرُوْشِهَا وَبِئْرٍ مُّعَطَّلَةٍ وَّقَصْرٍ مَّشِيْدٍ ﴿٤٦﴾

٤٦. ۽ ڪيترائي ڳوٺ آهن جن کي اسان انهيءَ حالت ۾ تباهہ ڪيو هو جو اهي ظلم ڪري رهيا هئا, اهي اڄ پنهن جن ڇتين مٿان ڪريا پيا آهن ۽ ڪيترا کوهہ آهن جيڪي بلڪل ويران آهن ۽ ڪيترا اوچا اوچا قلعا آهن جيڪي تباهہ ٿي چڪا آهن.

اَفَلَمْ يَسِيْرُوْا فِي الْاَرْضِ فَتَكُوْنَ لَهُمْ قُلُوْبٌ يَّعْقِلُوْنَ بِهَآ اَوْ اٰذَانٌ يَّسْمَعُوْنَ بِهَا ۚ فَاِنَّهَا لَا تَعْمَى الْاَبْصَارُ وَلٰكِنْ تَعْمَى الْقُلُوْبُ الَّتِيْ فِي

٤٧. ڇا اهي زمين ۾ هلي نٿا ڏسن انهيءَ لاءِ تہ انهن کي اهڙيون دليون حاصل ٿين وجن جيڪي (انهن ڳالهين کي) سمجهڻ واريون هجن يا ڪن حاصل ٿين وجن جيڪي (انهن

الصُّدُوْرِ ﴿٤٦﴾

ڳالهين) کي ٻڌڻ وارا هجن. ڇو جو اصل ڳالهہ هيءَ آهي تہ ظاهري اکيون انڌيون نہ هونديون آهن پر دليون جيڪي سيني ۾ آهن انڌيون هونديون آهن.

وَ يَسْتَعْجِلُوْنَكَ بِالْعَذَابِ وَلَنْ يُّخْلِفَ اللّٰهُ وَعْدَهٗ ؕ وَاِنَّ يَوْمًا عِنْدَ رَبِّكَ كَاَلْفِ سَنَةٍ مِّمَّا تَعُدُّوْنَ ﴿٤٧﴾

٤٨. هي ماڻهو عذاب گهرڻ ۾ جلدي ڪن ٿا. ۽ الله ڪڏهين بہ پنهن جو واعدو ڪوڙو نٿو ڪري. ۽ (ڪو) ڪو ڏينهن خدا وٽ توهانجي ڳڻپ جي هزار سالن جي برابر ٿيندو آهي.

وَ كَاَيِّنْ مِّنْ قَرْيَةٍ اَمْلَيْتُ لَهَا وَ هِيَ ظَالِمَةٌ ثُمَّ اَخَذْتُهَا ۚ وَ اِلَيَّ الْمَصِيْرُ ﴿٤٨﴾ ع

٤٩. ۽ ڪيترائي ڳوٺ آهن جنکي (پهرين) تہ مون مهلت ڏني حالانڪ اهي ظلم ڪري رهيا هئا پوءِ مون انهن کي پڪڙي ورتو ۽ مونڏانهن ئي سيني کي موٽي اچڻو آهي.

قُلْ يٰۤاَيُّهَا النَّاسُ اِنَّمَاۤ اَنَا لَكُمْ نَذِيْرٌ مُّبِيْنٌ ﴿٤٩﴾ ۚ

٥٠. تون چؤ اي انسانو! مان توهان ڏانهن صرف هڪ هوشيار ڪرڻ واري جي حيثيت سان آيو آهيان.

فَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ لَهُمْ مَّغْفِرَةٌ وَّ رِزْقٌ كَرِيْمٌ ﴿٥٠﴾

٥١. پوءِ جيڪي ايمان آڻيندا ۽ (انهيءَ جي) حال سارو عمل ڪندا انهن کي (خدا جي) بخشش ۽ معزز رزق حاصل ٿيندو.

وَالَّذِيْنَ سَعَوْا فِيْۤ اٰيٰتِنَا مُعٰجِزِيْنَ اُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ الْجَحِيْمِ ﴿٥١﴾

٥٢. ۽ اهي ماڻهو جن اسانجي نشانين جي متعلق (هن مقصد سان) جدوجهد ڪئي تہ (اهي اسانکي) عاجز ڪري ڇڏين اهي ماڻهو جهنم ۾ پوڻ وارا آهن.

وَمَاۤ اَرْسَلْنَا مِنْ قَبْلِكَ مِنْ رَّسُوْلٍ وَّ لَا نَبِيٍّ اِلَّاۤ اِذَا تَمَنّٰۤى اَلْقَى الشَّيْطٰنُ فِيْۤ اُمْنِيَّتِهٖ ۚ فَيَنْسَخُ اللّٰهُ مَا يُلْقِي الشَّيْطٰنُ ثُمَّ يُحْكِمُ اللّٰهُ اٰيٰتِهٖ ؕ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌ حَكِيْمٌ ﴿٥٢﴾ ۙ

٥٣. ۽ اسان توکان پهرين نہ ڪو رسول موڪليو نہ نبي پر جڏهين بہ انهيءَ خواهش ڪئي، شيطان انهيءَ جي خواهش جي رستي ۾ مشڪلاتون وجهي ڇڏيون. پوءِ الله انهيءَ کي جيڪا شيطان وجهي ٿو مٽائي ڇڏيٿو ۽ جيڪي انهيءَ جا پنهنجا نشان هوندا آهن انهن کي مضبوط ڪري ڇڏيٿو ۽ الله ڏاڍو ڄاڻڻ وارو ۽ حڪمت وارو آهي.

لِّيَجْعَلَ مَا يُلْقِى الشَّيْطٰنُ فِتْنَةً لِّلَّذِيْنَ فِىْ قُلُوْبِهِمْ مَّرَضٌ وَّ الْقَاسِيَةِ قُلُوْبُهُمْ ۗ وَاِنَّ الظّٰلِمِيْنَ لَفِىْ شِقَاقٍۢ بَعِيْدٍ ۙ﴿٥٣﴾

٥٤- نتيجو اهو ٿيندو آهي تہ جيڪي (مشڪلاتون) شيطان وجهي ٿو اهي انهن ماڻهن لاءِ نوڪر جو سبب ٿي وڃن ٿيون جن جي دلين ۾ بيماري هوندي آهي ۽ جن جون دليون سخت هونديون آهن ۽ ظالم ماڻهو (هر خدائي ڳالهہ جي) سخت مخالفت ڪرڻ ۾ تي سندرو ٻڌيو بيٺا هوندا آهن.

وَّلِيَعْلَمَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْعِلْمَ اَنَّهُ الْحَقُّ مِنْ رَّبِّكَ فَيُؤْمِنُوْا بِهٖ فَتُخْبِتَ لَهٗ قُلُوْبُهُمْ ۗ وَاِنَّ اللّٰهَ لَهَادِ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ ﴿٥٥﴾

٥٥- ۽ (اهو سڀ ڪجهہ انهيءَ ڪري ٿيندو آهي) انهيءَ لاءِ تہ اهي ماڻهو جيڪي علم وارا هوندا آهن, ڄاڻن تہ اهي (يعني قرآن) تنهن جي رب جي طرفان مجسم سچائي آهي ۽ انهيءَ تي ايمان آڻين ۽ انهن جون دليون انهيءَ جي اڳيان جهڪي وڃن ۽ الله مومنن کي ضرور سڌي رستي ڏانهن هدايت بخشڻ وارو آهي.

وَلَا يَزَالُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا فِىْ مِرْيَةٍ مِّنْهُ حَتّٰى تَاْتِيَهُمُ السَّاعَةُ بَغْتَةً اَوْ يَاْتِيَهُمْ عَذَابُ يَوْمٍ عَقِيْمٍ ﴿٥٦﴾

٥٦- ۽ ڪافر انهي (قرآن) جي متعلق انهيءَ وقت تائين جو (تباهي جي) گهڙي اوچتو اچي وڃي يا انهن وٽ انهيءَ ڏينهن جو عذاب اچي وڃي جيڪو پنهن جي پنيان ڪجهہ نٿو ڇڏي, شڪ ۾ پيا رهندا.

اَلْمُلْكُ يَوْمَئِذٍ لِّلّٰهِ ۗ يَحْكُمُ بَيْنَهُمْ ۗ فَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ فِىْ جَنّٰتِ النَّعِيْمِ ﴿٥٧﴾

٥٧- انهيءَ ڏينهن سچي بادشاهت الله جي ئي هوندي, اهو انهن جي وچ ۾ فيصلو ڪندو پوءِ مومن جيڪي ايمان جي حال سارو عمل بہ ڪندا هوندا ـ اهي نعمت وارين جنتن ۾ رهندا.

وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَكَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا فَاُولٰٓئِكَ لَهُمْ عَذَابٌ مُّهِيْنٌ ﴿٥٨﴾ ع ٩ ١٤

٥٨- ۽ ڪافر ۽ اسانجي آيتن جا منڪر تہ اهي آهن جن جي لاءِ خواريءَ جو عذاب (مقدر) آهي.

وَالَّذِيْنَ هَاجَرُوْا فِىْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ثُمَّ قُتِلُوْٓا اَوْ مَاتُوْا لَيَرْزُقَنَّهُمُ اللّٰهُ رِزْقًا حَسَنًا ۗ وَاِنَّ اللّٰهَ لَهُوَ

٥٩- ۽ اهي ماڻهو جيڪي الله جي رستي ۾ هجرت ڪن ٿا پوءِ ماريا وڃن ٿا يا طبعي موت مري وڃن ٿا. الله انهن کي نهايت اعليٰ

خَيْرُ الرّٰزِقِيْنَ ﴿٥٩﴾

انعام بخشيندو ۽ الله انعام بخشڻ وارن مان سڀني کان سٺو آهي.

لَيُدْخِلَنَّهُمْ مُّدْخَلًا يَّرْضَوْنَهٗ ۭ وَاِنَّ اللّٰهَ لَعَلِيْمٌ حَلِيْمٌ ﴿٦٠﴾

٦٠. اهو ضرور انهن کي اهڙي جڳهه ۾ داخل ڪندو جنهن کي اهي پسند ڪندا ۽ الله ڏاڍو ڄاڻنهار (۽) ڏاڍي سمجهه رکڻ وارو آهي.

ذٰلِكَ ۚ وَمَنْ عَاقَبَ بِمِثْلِ مَا عُوْقِبَ بِهٖ ثُمَّ بُغِيَ عَلَيْهِ لَيَنْصُرَنَّهُ اللّٰهُ ۭ اِنَّ اللّٰهَ لَعَفُوٌّ غَفُوْرٌ ﴿٦١﴾

٦١. هي ڳالهه اهڙي طرح آهي ۽ جيڪو شخص ايتري ئي سزا ڏيئي جيتري انهي کي تڪليف ڏني ويئي هئي پر باوجود انهيءَ جي (انهيءَ جو دشمن) هيڪاري انهيءَ تي چڙهي اچي ته الله ضرور انهيءَ جي مدد ڪندو. الله يقينن ڏاڍو معاف ڪرڻ وارو (۽) ڏاڍو بخشڻ وارو آهي.

ذٰلِكَ بِاَنَّ اللّٰهَ يُوْلِجُ الَّيْلَ فِي النَّهَارِ وَيُوْلِجُ النَّهَارَ فِي الَّيْلِ وَاَنَّ اللّٰهَ سَمِيْعٌۢ بَصِيْرٌ ﴿٦٢﴾

٦٢. هي (سزا ۽ جزا جو سلسلو) انهيءَ ڪري (هليٽو) ته ثابت ٿئي ته الله رات کي ڏينهن ۾ داخل ڪري ڇڏيٿو ۽ ڏينهن کي رات ۾ داخل ڪري ڇڏيٿو ۽ الله يقينن (ڏاڍيون دعائون) ٻڌڻ وارو (۽ سڀ حالتون) ڏسڻ وارو آهي.

ذٰلِكَ بِاَنَّ اللّٰهَ هُوَ الْحَقُّ وَاَنَّ مَا يَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِهٖ هُوَ الْبَاطِلُ وَاَنَّ اللّٰهَ هُوَ الْعَلِيُّ الْكَبِيْرُ ﴿٦٣﴾

٦٣. هي (دعائون ٻڌڻ ۽ حالتن کان واقف رهڻ) انهيءَ لاءِ آهي ته الله پنهن جي ذات ۾ قائم آهي ۽ ٻين شين کي قائم رکيٿو ۽ انهيءَ لاءِ ته جنهن شيءِ کي اهي خدا کانسواءِ پڪارين ٿا اها تباهه ٿيڻ واري آهي ۽ انهيءَ لاءِ جو الله ئي سڀ کان مٿي آهي ۽ سڀني کان وڏو آهي.

اَلَمْ تَرَ اَنَّ اللّٰهَ اَنْزَلَ مِنَ السَّمَاۗءِ مَاۗءً ۡ فَتُصْبِحُ الْاَرْضُ مُخْضَرَّةً ۭ اِنَّ اللّٰهَ لَطِيْفٌ خَبِيْرٌ ﴿٦٤﴾

٦٤. ڇا تو نه ڏٺو ته الله آسمان مان پاڻي لاٿو آهي. جنهن مان زمين سرسبز ٿي وڃي ٿي - الله يقينن (پنهن جي ٻانهن سان) مهرباني جو سلوڪ ڪرڻ وارو آهي ۽ (انهن جي حالتن کان) ڏاڍو باخبر آهي.

لَهٗ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ ۭ وَاِنَّ اللّٰهَ لَهُوَ الْغَنِيُّ الْحَمِيْدُ ۝٦٥ ع ١٥

٦٥- جيڪي ڪجهہ آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي ڪجهہ زمين ۾ آهي اهو سڀ انهيءَ جو آهي ۽ الله يقينن پاڻ ڪانسواءِ سڀني وجودن جي مدد کان بي نياز (۽) تعريف جو مالڪ آهي.

اَلَمْ تَرَ اَنَّ اللّٰهَ سَخَّرَ لَكُمْ مَّا فِي الْاَرْضِ وَالْفُلْكَ تَجْرِيْ فِي الْبَحْرِ بِاَمْرِهٖ ۭ وَيُمْسِكُ السَّمَاۗءَ اَنْ تَقَعَ عَلَي الْاَرْضِ اِلَّا بِاِذْنِهٖ ۭ اِنَّ اللّٰهَ بِالنَّاسِ لَرَءُوْفٌ رَّحِيْمٌ ۝٦٦

٦٦- ڇا تو نہ ڏٺو تہ الله توهانجي ڪم تي جيڪي ڪجهہ زمين ۾ آهي انهيءَ کي مزدوريءَ ڪانسواءِ لڳائي رکيو آهي ۽ ٻيڙيون بہ سمنڊ ۾ انهيءَ جي حڪم سان هلن ٿيون ۽ انهيءَ آسمان کي روڪي رکيو آهي تہ ڪٿي زمين تي سواءِ انهيءَ جي حڪم جي ڪري نہ پوي الله يقينن ماڻهن سان ڏاڍي شفقت ڪرڻ وارو (۽ انهن تي) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي.

وَهُوَ الَّذِيْٓ اَحْيَاكُمْ ۡ ثُمَّ يُمِيْتُكُمْ ثُمَّ يُحْيِيْكُمْ ۭ اِنَّ الْاِنْسَانَ لَكَفُوْرٌ ۝٦٧

٦٧- ۽ اهوئي آهي جنهن توهانکي زنده ڪيو. پوءِ توهانکي ماريندو وري توهانکي زنده ڪندو ـ انسان يقينن وڏو بي شڪر آهي.

لِكُلِّ اُمَّةٍ جَعَلْنَا مَنْسَكًا هُمْ نَاسِكُوْهُ فَلَا يُنَازِعُنَّكَ فِي الْاَمْرِ وَادْعُ اِلٰى رَبِّكَ ۭ اِنَّكَ لَعَلٰى هُدًى مُّسْتَقِيْمٍ ۝٦٨

٦٨- اسان هر امت لاءِ هڪ عبادت جو طريقو مقرر ڪيو آهي جنهن جي مطابق اها هلي ٿي پوءِ انهي طريقي (يعني اسلام) جي متعلق اهي توسان بحث نہ ڪن (ڇو جو اهو خدا جو مقرر ڪيل آهي) ۽ تون (انهن کي) پنهن جي رب ڏانهن سڏ ڇو جو تون سڌي رستي تي آهين.

وَاِنْ جٰدَلُوْكَ فَقُلِ اللّٰهُ اَعْلَمُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ ۝٦٩

٦٩- ۽ جيڪڏهين اهي تو سان بحث ڪن تون چئو تہ الله توهانجي عملن کان چڱيءَ ريت واقف آهي.

اَللّٰهُ يَحْكُمُ بَيْنَكُمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ فِيْمَا كُنْتُمْ فِيْهِ تَخْتَلِفُوْنَ ۝٧٠

٧٠- الله (توهانجي ۽ منهن جي وچ) قيامت جي ڏينهن انهن ڳالهين جو فيصلو ڪندو جن ۾ توهان اختلاف رکندا آهيو.

اَلَمْ تَعْلَمْ اَنَّ اللّٰهَ يَعْلَمُ مَا فِي السَّمَاۗءِ وَالْاَرْضِ ۭ

٧١- (اي محمد رسول الله!) ڇا توکي معلوم نہ آهي تہ الله هر شيءِ کي جيڪا آسمان ۽

اِنَّ ذٰلِكَ فِیْ كِتٰبٍ ؕ اِنَّ ذٰلِكَ عَلَى اللّٰهِ یَسِیْرٌ ﴿۷۰﴾

زمين ۾ آهي ڄاڻيٿو ـ اهو سڀ ڪجهہ هڪ ڪتاب ۾ لکيل موجود آهي ۽ اهڙي طرح (ڪهن قانون ڪي محفوظ) ڪري ڇڏڻ الله جي لاءِ آسان آهي.

وَیَعْبُدُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ مَا لَمْ یُنَزِّلْ بِهٖ سُلْطٰنًا وَّ مَا لَیْسَ لَهُمْ بِهٖ عِلْمٌ ؕ وَمَا لِلظّٰلِمِیْنَ مِنْ نَّصِیْرٍ ﴿۷۱﴾

٧١ ۽ اهي ماڻهو الله ڪانسواءِ انهن شين جي عبادت ڪن ٿا جن لاءِ انهيءَ ڪو دليل نہ لاٿو آهي ۽ جن جي متعلق انهن کي ڪنهن قسم جو ڪو علم حاصل نہ آهي ۽ ظالمن جو ڪوبہ مددگار نہ هوندو.

وَاِذَا تُتْلٰى عَلَیْهِمْ اٰیٰتُنَا بَیِّنٰتٍ تَعْرِفُ فِیْ وُجُوْهِ الَّذِیْنَ كَفَرُوا الْمُنْكَرَ ؕ یَكَادُوْنَ یَسْطُوْنَ بِالَّذِیْنَ یَتْلُوْنَ عَلَیْهِمْ اٰیٰتِنَا ؕ قُلْ اَفَاُنَبِّئُكُمْ بِشَرٍّ مِّنْ ذٰلِكُمْ ؕ اَلنَّارُ ؕ وَعَدَهَا اللّٰهُ الَّذِیْنَ كَفَرُوْا ؕ وَبِئْسَ الْمَصِیْرُ ﴿۷۲﴾ ع ٩ ١٦

٧٢ ۽ جڏهين انهن جي اڳيان اسانجون صاف صاف آيتون پڙهيون وڃن ٿيون تہ تون منڪرن جي منهن ۾ (صاف صاف) ناپسنديدگيءَ (جا آثار) ڏسين ٿو. ويجهو آهي جو اهي انهن ماڻهن تي حملو ڪن جيڪي انهن کي اسانجون آيتون پڙهي ٻڌائيندا رهندا آهن ـ تون چؤ ڇا مان توهانکي انهيءَ حالت کان بہ هڪ بري حالت جي خبر ڏيان؟ (۽ اهو) جهنم (۾ پوڻ) آهي. الله انهيءَ جو واعدو منڪرن سان ڪيو آهي ۽ اهو برو ٺڪاڻو آهي.

یٰۤاَیُّهَا النَّاسُ ضُرِبَ مَثَلٌ فَاسْتَمِعُوْا لَهٗ ؕ اِنَّ الَّذِیْنَ تَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ لَنْ یَّخْلُقُوْا ذُبَابًا وَّلَوِ اجْتَمَعُوْا لَهٗ ؕ وَاِنْ یَّسْلُبْهُمُ الذُّبَابُ شَیْـًٔا لَّا یَسْتَنْقِذُوْهُ مِنْهُ ؕ ضَعُفَ الطَّالِبُ وَالْمَطْلُوْبُ ﴿۷۳﴾

٧٣ اي انسانو ! هڪ ڳالهہ توهانکي ٻڌائي وڃي ٿي توهان انهيءَ کي غور سان ٻڌو توهان جنکي الله ڪانسواءِ سڏيو ٿا اهي هڪ مک بہ پيدا نہ ڪري سگهندا ڪٺي سڀئي گڏ ٿي وڃن پر جيڪڏهين هڪ مک انهن جي اڳيان کا شيءِ کسي کڻي وڃي تہ اهي انهيءَ شئي کي (بہ) ڇڏائي نٿا سگهن. هي دعائون گهرڻ وارو (بہ) ۽ جنهن کان دعائون گهريون وڃن ٿيون (اهي بہ) ڪيترا ڪمزور آهن.

مَا قَدَرُوا اللّٰهَ حَقَّ قَدْرِهٖ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَقَوِیٌّ عَزِیْزٌ ﴿۷۴﴾

٧٤ انهن ماڻهن الله (جي صفتن) جو صحيح

اندازو نہ لڳايو. الله تہ يقينن وڏو طاقت وارو (۽) وڏو غالب آهي.

اَللّٰهُ يَصْطَفِيْ مِنَ الْمَلٰٓئِكَةِ رُسُلًا وَّمِنَ النَّاسِ ۭ اِنَّ اللّٰهَ سَمِيْعٌۢ بَصِيْرٌ ﴿٧٥﴾

٧٦ـ الله فرشتن مان پنهنجا رسول منتخب ڪري ٿو ۽ (اهڙي طرح) انسانن مان (بہ) الله ڏاڍيون (دعائون) ٻڌڻ وارو (۽ حالتن کي) ڏاڍو ڏسڻ وارو آهي.

يَعْلَمُ مَا بَيْنَ اَيْدِيْهِمْ وَمَا خَلْفَهُمْ ۭ وَاِلَى اللّٰهِ تُرْجَعُ الْاُمُوْرُ ﴿٧٦﴾

٧٧ـ جيڪي ڪجهہ انهن جي سامهون آهي انهيءَ کي بہ هو ڄاڻي ٿو ۽ جيڪي ڪي اهي پوئتي ڪري آيا آهن انهيءَ کي بہ ڄاڻي ٿو ۽ سڀ معاملا انهيءَ ڏانهن ئي موٽايا وڃن ٿا.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا ارْكَعُوْا وَاسْجُدُوْا وَاعْبُدُوْا رَبَّكُمْ وَافْعَلُوا الْخَيْرَ لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ ۩ ﴿٧٧﴾ السجدة

٧٨ـ اي مومنو ! رڪوع ڪيو, ۽ سجدو ڪيو ۽ پنهن جي رب جي عبادت ڪيو ۽ نيڪ ڪم ڪيو انهيءَ لاءِ تہ توهان پنهن جي مقصد کي حاصل ڪيو.

وَجَاهِدُوْا فِي اللّٰهِ حَقَّ جِهَادِهٖ ۭ هُوَ اجْتَبٰىكُمْ وَمَا جَعَلَ عَلَيْكُمْ فِي الدِّيْنِ مِنْ حَرَجٍ ۭ مِلَّةَ اَبِيْكُمْ اِبْرٰهِيْمَ ۭ هُوَ سَمّٰىكُمُ الْمُسْلِمِيْنَ ڏ مِنْ قَبْلُ وَفِيْ هٰذَا لِيَكُوْنَ الرَّسُوْلُ شَهِيْدًا عَلَيْكُمْ وَتَكُوْنُوْا شُهَدَاۗءَ عَلَي النَّاسِ ښ فَاَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ وَاٰتُوا الزَّكٰوةَ وَاعْتَصِمُوْا بِاللّٰهِ ۭ هُوَ مَوْلٰىكُمْ ۚ فَنِعْمَ الْمَوْلٰى وَنِعْمَ النَّصِيْرُ ﴿٧٨﴾

٧٩ـ ۽ الله جي رستي ۾ اهڙي ڪوشش ڪيو جيڪا مڪمل هجي، ڇو جو انهيءَ توهانکي بزرگي بخشي آهي. ۽ دين (جي تعليم) ۾ توهانتي ڪا تنگي جي صورت اختيار نہ ڪئي.(اي مومنو!) پنهن جي پيءَ ابراهيم جي دين کي (اختيار ڪيو ڇو جو) الله توهانجو نالو مسلمان رکيو آهي هن ڪتاب ۾ بہ ۽ هن کان پهرين ڪتابن ۾ بہ, انهيءَ لاءِ تہ رسول توهانتي شاهد هجي ۽ توهان باقي دنيا تي شاهد رهو. پوءِ نماز کي قائم ڪيو, ۽ زڪوات ڏيو, ۽ الله کي مضبوطيءَ سان جهليو اهو توهانجو مالڪ آهي پوءِ ڪهڙو نہ سٺو مالڪ آهي ۽ ڪهڙو نہ سٺو مددگار آهي.

## سُوْرَةُ الْمُؤْمِنُوْنَ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ مَعَ الْبَسْمَلَةِ مِائَةٌ وَّتِسْعَ عَشْرَةَ اٰيَةً وَّسِتَّةُ رُكُوْعَاتٍ

سورت مومنون - هي سورت مڪي آهي ۽ بسم الله سميت هن جون هڪ سئو اڻويهہ آيتون ۽ ڇهہ رڪوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ①

١- (مان) الله جو نالو وٺي جيڪو بيحد ڪرم ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي (پڙهانٿو)

قَدْ اَفْلَحَ الْمُؤْمِنُوْنَ ② جزء ١٨

٢- (ڪامل) مومن پنهنجي مراد کي پهچي ويا.

الَّذِيْنَ هُمْ فِيْ صَلَاتِهِمْ خٰشِعُوْنَ ③

٣- اهي (مومن) جيڪي پنهنجي نمازن ۾ عاجزانہ رويو اختيار ڪن ٿا.

وَالَّذِيْنَ هُمْ عَنِ اللَّغْوِ مُعْرِضُوْنَ ④

٤- ۽ جيڪي بيهودهہ ڳالهين کان منهن موڙين ٿا.

وَالَّذِيْنَ هُمْ لِلزَّكٰوةِ فٰعِلُوْنَ ⑤

٥- ۽ جيڪي زڪوات (باقاعدي) ڏين ٿا.

وَالَّذِيْنَ هُمْ لِفُرُوْجِهِمْ حٰفِظُوْنَ ⑥

٦- ۽ جيڪي پنهنجي شرمگاهن جي حفاظت ڪن ٿا.

اِلَّا عَلٰٓى اَزْوَاجِهِمْ اَوْ مَا مَلَكَتْ اَيْمَانُهُمْ فَاِنَّهُمْ غَيْرُ مَلُوْمِيْنَ ⑦

٧- سواءِ پنهنجي زالن جي يا جن جا مالڪ انهن جا ساڄا هٿ ٿيا آهن - پوءِ اهڙن ماڻهن کي ڪنهن بہ قسم جي ملامت نہ ڪئي ويندي.

فَمَنِ ابْتَغٰى وَرَآءَ ذٰلِكَ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْعٰدُوْنَ ⑧

٨- ۽ جيڪي انهيءَ کانسواءِ ڪنهن ٻي ڳالهہ جي خواهش ڪن تہ اهي ماڻهو زيادتي ڪرڻ وارا هوندا.

وَالَّذِيْنَ هُمْ لِاَمٰنٰتِهِمْ وَعَهْدِهِمْ رٰعُوْنَ ⑨

٩- ۽ اهي ماڻهو (يعني ڪامل مومن) جيڪي پنهنجن امانتن ۽ پنهنجن عهدن جو خيال رکن ٿا.

وَالَّذِيْنَ هُمْ عَلٰى صَلَوٰتِهِمْ يُحَافِظُوْنَ ⑩ نصف الحزب

١٠- ۽ جيڪي ماڻهو پنهنجي نمازن جي حفاظت ڪندا رهن ٿا.

ڪوڙو ڪن ٿا.

فَاَوْحَيْنَآ اِلَيْهِ اَنِ اصْنَعِ الْفُلْكَ بِاَعْيُنِنَا وَ وَحْيِنَا فَاِذَا جَآءَ اَمْرُنَا وَفَارَ التَّنُّوْرُ ۙ فَاسْلُكْ فِيْهَا مِنْ كُلٍّ زَوْجَيْنِ اثْنَيْنِ وَاَهْلَكَ اِلَّا مَنْ سَبَقَ عَلَيْهِ الْقَوْلُ مِنْهُمْ ۚ وَلَا تُخَاطِبْنِيْ فِى الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا ۚ اِنَّهُمْ مُّغْرَقُوْنَ ﴿٢٨﴾

٢٨- پوءِ اسان هن ڏانهن وحي ڪئي تہ (جنهن) ٻيڙيءَ (جو اسان حڪم ڏنو آهي انهيءَ) کي اسانجي اکين جي آڏو ۽ اسانجي وحيءَ جي مطابق ٺاهہ پوءِ جڏهن اسانجو حڪم اچي وڃي ۽ زمين جو چشمو ڦاٽي پئي تہ انهيءَ (ٻيڙيءَ) ۾ هر هڪ جانور مان (جنهن جو اسان حڪم ڏيون) هڪ هڪ جوڙو ڪڻ ۽ پنهنجن ماڻهن کي بہ انهن کانسواءِ جن جي خلاف اسانجو حڪم پهرين ئي اچي چڪو آهي سوار ڪر ۽ جن ظلم ڪيو آهي انهن جي متعلق مون سان ڪابہ ڳالهہ نہ ڪر ڇو جو اهي تہ ضرور غرق ڪيا ويندا.

فَاِذَا اسْتَوَيْتَ اَنْتَ وَمَنْ مَّعَكَ عَلَى الْفُلْكِ فَقُلِ الْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْ نَجّٰنَا مِنَ الْقَوْمِ الظّٰلِمِيْنَ ﴿٢٩﴾

٢٩- پوءِ جڏهن تون ۽ تنهنجا ساٿي ٻيڙيءَ ۾ چڱيءَ طرح ويهي وڃن تہ توهان مان هر هڪ چوي تہ سڀ تعريف الله ئي جي لاءِ آهي جنهن اسانکي ظالمن جي قوم کان ڇوٽڪارو ڏنو.

وَقُلْ رَّبِّ اَنْزِلْنِيْ مُنْزَلًا مُّبٰرَكًا وَّاَنْتَ خَيْرُ الْمُنْزِلِيْنَ ﴿٣٠﴾

٣٠- ۽ (ٻيڙيءَ مان لهڻ وقت) چؤ تہ اي منهنجا رب تون مونکي (هن ٻيڙيءَ مان) اهڙيءَ حالت ۾ لاهہ - جو مونتي ڪثرت سان برڪتون نازل ٿي رهيون هجن ۽ (مونکي انهيءَ دعا جي بہ ڪهڙي ضرورت آهي جڏهن تہ) سڀني لاهڻ وارن کان تنهنجو وجود بهتر آهي.

اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ وَّاِنْ كُنَّا لَمُبْتَلِيْنَ ﴿٣١﴾

٣١- هن ۾ گهڻيون ئي نشانيون آهن ۽ اسان يقيناً انهن جو امتحان وٺڻ وارا آهيون.

ثُمَّ اَنْشَاْنَا مِنْۢ بَعْدِهِمْ قَرْنًا اٰخَرِيْنَ ﴿٣٢﴾

٣٢- پوءِ اسان انهن کانپوءِ ڪيتريون ئي قومون پيدا ڪيون.

فَاَرْسَلْنَا فِيْهِمْ رَسُوْلًا مِّنْهُمْ اَنِ اعْبُدُوا اللّٰهَ مَا لَكُمْ

٣٣- ۽ اسان انهن ۾ انهن مان ئي رسول

مِّنْ اِلٰهٍ غَيْرُهٗ ۭ اَفَلَا تَتَّقُوْنَ ﴿٣٣﴾ ع ٢

موڪليا (هي پيغام ڏيندي) تہ الله جي عبادت ڪيو. انهيءَ ڪانسواءِ توهانجو ڪو بہ معبود ڪونهي ڇا تون انهيءَ جي ذريعي پنهن جي پاڻ ڪي تباهيءَ ڪان بچايو نٿا.

وَقَالَ الْمَلَاُ مِنْ قَوْمِهِ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَكَذَّبُوْا بِلِقَآءِ الْاٰخِرَةِ وَاَتْرَفْنٰهُمْ فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ۙ مَا هٰذَآ اِلَّا بَشَرٌ مِّثْلُكُمْ ۙ يَاْكُلُ مِمَّا تَاْكُلُوْنَ مِنْهُ وَيَشْرَبُ مِمَّا تَشْرَبُوْنَ ﴿٣٤﴾

٣٤. ۽ انهي (نئين رسول) جي قوم مان جن ڪفر ڪيو هو ۽ مرڻ ڪانپوءِ خدا سان ملڻ جو انڪار ڪيو هو ۽ جنڪي اسان هن دنيا جي زندگيءَ ۾ مالدار بنايو, انهن جي سردارن چيو تہ هيءَ تہ توهان جهڙو هڪ ماڻهو آهي انهن (ڪاڌن) مان ڪائيٿو جيڪي توهان ڪائو ٿا ۽ انهن (پاڻين) مان پيئي ٿو جيڪي توهان پيئو ٿا.

وَلَئِنْ اَطَعْتُمْ بَشَرًا مِّثْلَكُمْ اِنَّكُمْ اِذًا لَّخٰسِرُوْنَ ﴿٣٥﴾

٣٥. ۽ جيڪڏهن توهان پاڻ جهڙي هڪ ماڻهو جي ڳالهہ مڃيندا تہ توهان گهاٽو حاصل ڪرڻ وارن مان ٿي پوندا.

اَيَعِدُكُمْ اَنَّكُمْ اِذَا مِتُّمْ وَكُنْتُمْ تُرَابًا وَّعِظَامًا اَنَّكُمْ مُّخْرَجُوْنَ ﴿٣٦﴾

٣٦. ڇا هو توهان سان اهو واعدو ڪريٿو تہ جڏهن توهان مري ويندؤ ۽ مٽي ٿي ويندؤ ۽ هڏا بنجي ويندؤ تہ توهان (وري زنده ڪري) ڪڍيا ويندؤ.

هَيْهَاتَ هَيْهَاتَ لِمَا تُوْعَدُوْنَ ﴿٣٧﴾

٣٧. جنهن ڳالهہ جو توهان سان واعدو ڪيو وڃيٿو اهو عقل ڪان تمام گهڻو پري آهي ۽ مڃڻ جهڙي ڳالهہ ڪانهي.

اِنْ هِيَ اِلَّا حَيَاتُنَا الدُّنْيَا نَمُوْتُ وَنَحْيَا وَمَا نَحْنُ بِمَبْعُوْثِيْنَ ﴿٣٨﴾

٣٨. زندگي تہ صرف اسانجي هن دنيا جي زندگي آهي ـ اسان ڪڏهن مئل حالت ۾ هوندا آهيون ۽ ڪڏهين جيئري حالت ۾, ۽ اسان ڪڏهين مرڻ ڪانپوءِ پيهر نہ اٿاريا ويندا سين.

اِنْ هُوَ اِلَّا رَجُلُ اِفْتَرٰى عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا وَّمَا نَحْنُ لَهٗ بِمُؤْمِنِيْنَ ﴿٣٩﴾

٣٩. هيءَ تہ (صرف) هڪ اڪيلو ماڻهو آهي جيڪو الله تي ڪوڙو بهتان هڻي ٿو ۽ اسان هن (جي ڳالهين) ڪي ڪڏهين نہ مڃيندا سين.

قَالَ رَبِّ انْصُرْنِيْ بِمَا كَذَّبُوْنِ ﴿٣٩﴾

۴٠. (انهيءَ تي) انهيءَ چيو، اي منهنجا رب! انهن ماڻهن مونکي ڪوڙو ڪيو آهي، پوءِ تون منهن جي مدد ڪر.

قَالَ عَمَّا قَلِيْلٍ لَّيُصْبِحُنَّ نٰدِمِيْنَ ﴿٤٠﴾

۴١. (تڏهين خدا) فرمايو تہ هي ماڻهو ٿوري عرصي ۾ شرمنده ٿي ويندا.

فَاَخَذَتْهُمُ الصَّيْحَةُ بِالْحَقِّ فَجَعَلْنٰهُمْ غُثَآءً فَبُعْدًا لِّلْقَوْمِ الظّٰلِمِيْنَ ﴿٤١﴾

۴٢. ۽ انهن کي هڪ عذاب پڪڙي ورتو جنهن جي پڪي خبر ڏني ويئي هئي ۽ اسان انهن کي گند ڪچرو بنائي ڇڏيو ۽ (فرشتن کي حڪم ڏنو تہ) ظالمن لاءِ خدا جي لعنت (مقدر ڪريو).

ثُمَّ اَنْشَاْنَا مِنْۢ بَعْدِهِمْ قُرُوْنًا اٰخَرِيْنَ ﴿٤٢﴾

۴٣. پوءِ انهيءَ ڪانپوءِ اسان ڪيترين ٻين قومن پيدا ڪيون.

مَا تَسْبِقُ مِنْ اُمَّةٍ اَجَلَهَا وَمَا يَسْتَاْخِرُوْنَ ﴿٤٣﴾

۴۴. ڪا قوم پنهن جي مدت کان اڳتي نٿي وڌي ۽ نہ ئي انهيءَ کان پوئتي رهي (ڪري بچي) سگهي ٿي.

ثُمَّ اَرْسَلْنَا رُسُلَنَا تَتْرَا كُلَّمَا جَآءَ اُمَّةً رَّسُوْلُهَا كَذَّبُوْهُ فَاَتْبَعْنَا بَعْضَهُمْ بَعْضًا وَّجَعَلْنٰهُمْ اَحَادِيْثَ فَبُعْدًا لِّقَوْمٍ لَّا يُؤْمِنُوْنَ ﴿٤٤﴾

۴٥. پوءِ اسان پنهنجا رسول لاڳيتا موڪليا. جڏهين بہ ڪنهن قوم وٽ انهيءَ جو رسول ايندو هو اهي انهيءَ کي ڪوڙو ڪندا هئا. پوءِ اسان انهن مان ڪن کي ڪن جي پٺيان موڪليندا ويندا هئاسين (يعني تباهہ ڪندا ٿي وياسين) ۽ اسان انهن سڀني کي گذريل افسانا ڪري ڇڏيو. ۽ (انهن جي متعلق فرشتن کي حڪم ڏنو تہ) جن ماڻهن ايمان نہ آندو آهي انهن جي لاءِ ۽ خدا جي لعنت (مقدر ڪري ڇڏيو).

ثُمَّ اَرْسَلْنَا مُوْسٰى وَاَخَاهُ هٰرُوْنَ ۙ بِاٰيٰتِنَا وَسُلْطٰنٍ مُّبِيْنٍ ﴿٤٥﴾

اِلٰى فِرْعَوْنَ وَمَلَا۟ئِهٖ فَاسْتَكْبَرُوْا وَكَانُوْا قَوْمًا عَالِيْنَ ﴿٤٦﴾

۴٦. ۴٧. انهيءَ ڪانپوءِ اسان موسيٰ ۽ انهيءَ جي ڀاءُ هارون کي پنهنجا نشان ۽ ظاهر ظهور غلبو ڏيئي فرعون ۽ انهيءَ جي سردارن ڏانهن موڪليو. پوءِ انهن تڪبر ڪيو ۽ اهي سرڪش ماڻهن مان بنجي پيا.

فَقَالُوْٓا اَنُؤْمِنُ لِبَشَرَيْنِ مِثْلِنَا وَقَوْمُهُمَا لَنَا عٰبِدُوْنَ ﴿٤٨﴾

٤٨. پوءِ انهن چيو، اسان پاڻ جهڙن ٻن انسانن تي ايمان آڻيون؟ حالانڪ انهن ٻنهي جي قوم اسانجي غلامي ڪري رهي آهي.

فَكَذَّبُوْهُمَا فَكَانُوْا مِنَ الْمُهْلَكِيْنَ ﴿٤٩﴾

٤٩. پوءِ اُنهن اِنهن ٻنهي (يعني موسيٰ ۽ هارون) کي ڪوڙو ڪيو. نتيجو اهو نڪتو جو اهي بہ تباهہ ٿيڻ وارن ماڻهن مان ٿي پيا.

وَلَقَدْ اٰتَيْنَا مُوْسَى الْكِتٰبَ لَعَلَّهُمْ يَهْتَدُوْنَ ﴿٥٠﴾

٥٠. ۽ اسان موسيٰ کي (اهو) ڪتاب ڏنو (جنهن کي سڀ ڄاڻن ٿا) انهيءَ لاءِ تہ اهي (۽ انهيءَ جي قوم) هدايت حاصل ڪن.

وَجَعَلْنَا ابْنَ مَرْيَمَ وَاُمَّهٗٓ اٰيَةً وَّاٰوَيْنٰهُمَآ اِلٰى رَبْوَةٍ ذَاتِ قَرَارٍ وَّمَعِيْنٍ ﴿٥١﴾ ع ٣

٥١. ۽ اسان مريم جي پٽ ۽ انهيءَ جي ماءُ کي هڪ نشان بنايو ۽ اسان انهن ٻنهي کي هڪ اوچي جڳهہ تي پناهہ ڏني جيڪا رهائش جي قابل ۽ وهندڙ پاڻين واري هئي.

يٰٓاَيُّهَا الرُّسُلُ كُلُوْا مِنَ الطَّيِّبٰتِ وَاعْمَلُوْا صَالِحًا ۭ اِنِّيْ بِمَا تَعْمَلُوْنَ عَلِيْمٌ ﴿٥٢﴾

٥٢. (۽ اسان چيو) اي رسول! پاڪ شين مان کائو ۽ حال سارو عمل ڪيو (۽) مان انهيءَ کي جيڪي توهان ڪيو ٿا ڄاڻان ٿو.

وَاِنَّ هٰذِهٖٓ اُمَّتُكُمْ اُمَّةً وَّاحِدَةً وَّاَنَا رَبُّكُمْ فَاتَّقُوْنِ ﴿٥٣﴾

٥٣. ۽ هيءَ توهانجي جماعت (يعني نبين جي) هڪ ئي جماعت آهي ۽ مان توهانجو رب آهيان پوءِ مونکي تباهيءَ کان بچڻ جي ڍال بنايو.

فَتَقَطَّعُوْٓا اَمْرَهُمْ بَيْنَهُمْ زُبُرًا ۭ كُلُّ حِزْبٍۢ بِمَا لَدَيْهِمْ فَرِحُوْنَ ﴿٥٤﴾

٥٤. جنهن تي انهن (يعني ڪافرن) شريعت کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيو، ۽ هر فرقي جو ٽڪرو پنهن جي لاءِ اختيار ڪيو انهيءَ تي فخر ڪرڻ لڳا.

فَذَرْهُمْ فِيْ غَمْرَتِهِمْ حَتّٰى حِيْنٍ ﴿٥٥﴾

٥٥. پوءِ تون انهن کي هڪ مدت تائين پنهن جي غفلت ۾ پيو رهڻ ڏي.

اَيَحْسَبُوْنَ اَنَّمَا نُمِدُّهُمْ بِهٖ مِنْ مَّالٍ وَّبَنِيْنَ ﴿٥٦﴾

٥٦. ڇا اهي خيال ڪن ٿا تہ اسانجو انهن کي مال ۽ پٽن سان مدد ڏيڻ انهن کي نيڪين ۾ جلد جلد وڌائڻ آهي؟

نُسَارِعُ لَهُمْ فِي الْخَيْرٰتِ ۭ بَلْ لَّا يَشْعُرُوْنَ ﴿٥٧﴾

٥٧. (ائين نہ آهي) پر اهي (حال جي حقيقت کي) سمجهن نٿا.

اِنَّ الَّذِيْنَ هُمْ مِّنْ خَشْيَةِ رَبِّهِمْ مُّشْفِقُوْنَ ﴿٥٨﴾

٥٨. اهي ماڻهو جيڪي پنهن جي رب جي ڊپ کان ڪنبن ٿا.

وَالَّذِيْنَ هُمْ بِاٰيٰتِ رَبِّهِمْ يُؤْمِنُوْنَ ﴿٥٩﴾

٥٩. ۽ اهي ماڻهون پنهن جي رب جي آيتن تي ايمان آڻين ٿا.

وَالَّذِيْنَ هُمْ بِرَبِّهِمْ لَا يُشْرِكُوْنَ ﴿٦٠﴾

٦٠. ۽ جيڪي پنهن جي رب کي ڪنهن جو شريڪ نٿا بنائين.

وَالَّذِيْنَ يُؤْتُوْنَ مَآ اٰتَوْا وَّقُلُوْبُهُمْ وَجِلَةٌ اَنَّهُمْ اِلٰى رَبِّهِمْ رٰجِعُوْنَ ﴿٦١﴾

٦١. ۽ جيڪي (خدا جي بخشيل) مال کي (اڳتي حقدارن کي) ڏيندا رهن ٿا ۽ انهن جون دليون انهيءَ ڳالهہ کان ڊڄنديون رهن ٿيون تہ انهن کي هڪ ڏينهن پنهن جي رب ڏانهن موٽي وڃڻو پوندو.

اُولٰۗىِٕكَ يُسٰرِعُوْنَ فِي الْخَيْرٰتِ وَهُمْ لَهَا سٰبِقُوْنَ ﴿٦٢﴾

٦٢. اهي ئي ماڻهو نيڪين ۾ جلدي ڪرڻ وارا آهن ۽ اهي انهن (نيڪين) جي طرف هڪ ٻئي کان اڳتي وڌندا رهن ٿا.

وَلَا نُكَلِّفُ نَفْسًا اِلَّا وُسْعَهَا وَلَدَيْنَا كِتٰبٌ يَّنْطِقُ بِالْحَقِّ وَهُمْ لَا يُظْلَمُوْنَ ﴿٦٣﴾

٦٣. ۽ اسان ڪنهن بہ جان جي ذمي ڪو ڪم ڪونہ لڳائيندا آهيون پر انهيءَ جي طاقت جي مطابق ۽ اسانوٽ هڪ اعمالنامون آهي جيڪو سچي سچي ڳالهہ چوي ٿو ۽ انهن تي ڪوبہ ظلم نہ ڪيو ويندو.

بَلْ قُلُوْبُهُمْ فِيْ غَمْرَةٍ مِّنْ هٰذَا وَلَهُمْ اَعْمَالٌ مِّنْ دُوْنِ ذٰلِكَ هُمْ لَهَا عٰمِلُوْنَ ﴿٦٤﴾

٦٤. پر انهن جون دليون تہ هن تعليم جي متعلق غفلت ۾ پيل آهن ۽ انهيءَ کانسواءِ انهن جا ٻيا بہ ڪيترائي (خراب) عمل آهن جيڪي اهي ڪري رهيا آهن.

حَتّٰٓى اِذَآ اَخَذْنَا مُتْرَفِيْهِمْ بِالْعَذَابِ اِذَا هُمْ يَجْئَرُوْنَ ﴿٦٥﴾

٦٥. ايستائين جو جڏهين اسان انهن مان سکين ماڻهن کي عذاب ۾ گرفتار ڪندا آهيون تہ اوچتو اهي فرياد ڪرڻ شروع ڪرڻ لڳندا آهن.

لَا تَجْئَرُوا الْيَوْمَ ۣ اِنَّكُمْ مِّنَّا لَا تُنْصَرُوْنَ ﴿٦٦﴾

٦٦. هن وقت اسان انهن کي چئون ٿا اڄ فرياد

ٿو.

وَاِنَّ الَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ بِالْاٰخِرَةِ عَنِ الصِّرَاطِ لَنٰكِبُوْنَ ﴿٧٥﴾

٧٥ ۽ جيڪي ماڻهو آخرت تي ايمان نٿا آڻين اهي (سچي) رستي کان هٽڻ وارا آهن.

وَلَوْ رَحِمْنٰهُمْ وَكَشَفْنَا مَا بِهِمْ مِّنْ ضُرٍّ لَّلَجُّوْا فِيْ طُغْيَانِهِمْ يَعْمَهُوْنَ ﴿٧٦﴾

٧٦ ۽ جيڪڏهين اسان انهن تي رحم ڪيون ۽ جيڪا تڪليف انهن کي پهچڻ واري آهي. انهيءَ کي هٽائي ڇڏيون تہ اهي پنهن جي سرڪشيءَ ۾ اڃا بہ وڌي ويندا.

وَلَقَدْ اَخَذْنٰهُمْ بِالْعَذَابِ فَمَا اسْتَكَانُوْا لِرَبِّهِمْ وَمَا يَتَضَرَّعُوْنَ ﴿٧٧﴾

٧٧ ۽ اسان انهن کي سخت عذاب ۾ جڪڙي رکيو آهي پوءِ بہ اهي پنهن جي رب جي اڳيان عاجزيءَ سان نہ جهڪيا ۽ نہ انهيءَ جي اڳيان زاري نيزاري ڪئي.

حَتّٰٓى اِذَا فَتَحْنَا عَلَيْهِمْ بَابًا ذَا عَذَابٍ شَدِيْدٍ اِذَا هُمْ فِيْهِ مُبْلِسُوْنَ ﴿٧٨﴾

٧٨ ايستائين جو جڏهين اسان انهن تي هڪ عذاب جو دروازو کولي ڇڏينداسين تہ اهي مايوس ٿي ويهي رهندا.

وَهُوَ الَّذِيْٓ اَنْشَاَ لَكُمُ السَّمْعَ وَالْاَبْصَارَ وَالْاَفْـِٕدَةَ قَلِيْلًا مَّا تَشْكُرُوْنَ ﴿٧٩﴾

٧٩ ۽ اهو خدا ئي آهي جنهن توهان لاءِ ڪن ۽ اکيون ۽ دل پيدا ڪئي آهي - پر توهان بلڪل شڪر نٿا ڪيو.

وَهُوَ الَّذِيْ ذَرَاَكُمْ فِي الْاَرْضِ وَاِلَيْهِ تُحْشَرُوْنَ ﴿٨٠﴾

٨٠ ۽ اهوئي آهي جنهن زمين ۾ توهانکي پکيڙي ڇڏيو آهي ۽ توهان انهيءَ ڏانهن گڏ ڪيا ويندا.

وَهُوَ الَّذِيْ يُحْيٖ وَيُمِيْتُ وَلَهُ اخْتِلَافُ الَّيْلِ وَالنَّهَارِ اَفَلَا تَعْقِلُوْنَ ﴿٨١﴾.

٨١ ۽ اهوئي آهي جيڪو توهانکي زنده ڪريٿو ۽ جيڪو توهانکي ماريندو ۽ رات ۽ ڏينهن جو اڳتي پوئتي اچڻ انهيءَ جي اختيار ۾ آهي ڇا توهان عمل نٿا ڪيو.

بَلْ قَالُوْا مِثْلَ مَا قَالَ الْاَوَّلُوْنَ ﴿٨٢﴾

٨٢ حقيقت اها آهي تہ اهي اهائي ڳالهہ چوڻٿا جيڪا انهن کان پهرين چئي هئي.

قَالُوْٓا ءَاِذَا مِتْنَا وَكُنَّا تُرَابًا وَّعِظَامًا ءَاِنَّا لَمَبْعُوْثُوْنَ ﴿٨٣﴾

٨٣ انهن چيو هو تہ ڇا جڏهين اسان مري وينداسين ۽ مٽي ٿي وينداسين ۽ هڏا بڻجي ويندسين تہ اسان وري اٿاريا ويندسين؟

لَقَدْ وُعِدْنَا نَحْنُ وَاٰبَآؤُنَا هٰذَا مِنْ قَبْلُ اِنْ هٰذَآ اِلَّآ اَسَاطِيْرُ الْاَوَّلِيْنَ ﴿۸۳﴾

٨٤ـ انهيءَ کان پهرين انهيءَ ڳالهہ جو واعدو اسان سان ۽ اسان جي ابن ڏاڏن سان ڪيو ويو هو (پر ائين نہ ٿيو) اهي تہ صرف اڳين جون ڪهاڻيون آهن.

قُلْ لِّمَنِ الْاَرْضُ وَمَنْ فِيْهَآ اِنْ كُنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿۸۴﴾

٨٥ـ تون چؤ جيڪڏهن توهان ڄاڻو ٿا تہ (ٻڌايو تہ سهي) هي سڀ زمين ۽ جيڪي ڪي انهيءَ ۾ آهي ڪنهن جو آهي؟

سَيَقُوْلُوْنَ لِلّٰهِ قُلْ اَفَلَا تَذَكَّرُوْنَ ﴿۸۵﴾

٨٦ـ يقينن اهي (انهيءَ جي جواب ۾) چوندا الله جو - انهيءَ تي تون چؤ، ڇا توهان سمجهہ کان ڪم نٿا وٺو.

قُلْ مَنْ رَّبُّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبُّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ ﴿۸۶﴾

٨٧ـ (پوءِ) تون (انهن کي) چئو تہ ستئي آسمانن ۽ عرش عظيم جو رب ڪير آهي؟

سَيَقُوْلُوْنَ لِلّٰهِ قُلْ اَفَلَا تَتَّقُوْنَ ﴿۸۷﴾

٨٨ـ اهي فورن چوندا (اهي سڀ) الله جا آهن. تون چؤ ڇا پوءِ (انهيءَ خدا جي ذريعي تباهيءَ کان) بچڻ جي ڪوشش نٿا ڪيو.

قُلْ مَنْۢ بِيَدِهٖ مَلَكُوْتُ كُلِّ شَيْءٍ وَّهُوَ يُجِيْرُ وَلَا يُجَارُ عَلَيْهِ اِنْ كُنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿۸۸﴾

٨٩ـ (پڻ) تون چئو تہ ڪنهن جي قبضي ۾ هر شئي جي بادشاهت آهي ۽ اهو (سڀني کي) پناهہ ڏئيئو. ها انهيءَ جي عذاب جي خلاف ڪوبہ ٻيو پناهہ ڏيئي نٿو سگهي. جيڪڏهن توهان ڄاڻو ٿا (تہ انهيءَ کي سمجهي سگهو ٿا).

سَيَقُوْلُوْنَ لِلّٰهِ قُلْ فَاَنّٰى تُسْحَرُوْنَ ﴿۸۹﴾

٩٠ـ اهي (مٿين سوال ٻڌي) فورن چوندا الله جي (قبضي ۾). انهيءَ تي تون چؤ تہ پوءِ توهانکي ڌوکو ڏيئي ڪاڏي نيو پيو وڃي.

بَلْ اَتَيْنٰهُمْ بِالْحَقِّ وَاِنَّهُمْ لَكٰذِبُوْنَ ﴿۹۰﴾

٩١ـ حقيقت هيءَ آهي تہ اسان انهن وٽ حق آندو آهي ۽ اهي انهيءَ جا حقيقت ۾ منڪر آهن.

مَا اتَّخَذَ اللّٰهُ مِنْ وَّلَدٍ وَّمَا كَانَ مَعَهٗ مِنْ

٩٢ـ الله ڪنهنکي پٽ نہ بنايو آهي ۽ انهيءَ سان گڏ ڪوبہ معبود ڪونهي (جيڪڏهن

| | |
|---|---|
| اِلٰهٍ اِذًا لَّذَهَبَ كُلُّ اِلٰهٍۢ بِمَا خَلَقَ وَلَعَلَا بَعْضُهُمْ عَلٰى بَعْضٍ ۭ سُبْحٰنَ اللّٰهِ عَمَّا يَصِفُوْنَ ﴿٩١﴾ | ايئن هجي ها) تہ هر معبود پنهن جي پيدا ڪيل شئي کي جدا ڪري کڻي وڃي ها - ۽ انهن (معبودن) مان ڪي ڪن تي حملو ڪري ڏين ها. الله پاڪ آهي انهيءَ کان جيڪي هي ڳالهيون ڪن ٿا. |
| عٰلِمِ الْغَيْبِ وَالشَّهَادَةِ فَتَعٰلٰى عَمَّا يُشْرِكُوْنَ ﴿٩٢﴾ ۧ | ٩٢- هو غيب جو بہ علم رکيئو ۽ حاضر جو بہ (علم رکيئو) پوءِ جن کي اهي انهيءَ جو شريڪ بنائين ٿا انهن کان هو گهڻو مٿاهون آهي. |
| قُلْ رَّبِّ اِمَّا تُرِيَنِّيْ مَا يُوْعَدُوْنَ ﴿٩٣﴾ | ٩٤- تون چؤ اي منهنجا رب! جيڪڏهين تون منهن جي زندگيءَ ۾ اهو ڪجهہ ڏيکارين جنهن جو انهن سان واعدو ڪيو وڃيٿو. |
| رَبِّ فَلَا تَجْعَلْنِيْ فِي الْقَوْمِ الظّٰلِمِيْنَ ﴿٩٤﴾ | ٩٥- تہ اي منهنجا رب ! تون مونکي ظالم قوم مان نہ بنائجانءِ. |
| وَاِنَّا عَلٰٓى اَنْ نُّرِيَكَ مَا نَعِدُهُمْ لَقٰدِرُوْنَ ﴿٩٥﴾ | ٩٦- ۽ اسان انهيءَ ڳالهہ تي قادر آهيون تہ جيڪو انهن سان واعدو ڪيون توکي ڏيکاري سگهون. |
| اِدْفَعْ بِالَّتِيْ هِيَ اَحْسَنُ السَّيِّئَةَ ۭ نَحْنُ اَعْلَمُ بِمَا يَصِفُوْنَ ﴿٩٦﴾ | ٩٧- تون انهن جي برين ڳالهين کي اهڙين (جوابي) ڳالهين سان پري ڪر جيڪي نهايت خوبصورت هجن اسان انهن جي ڳالهين کي چڱي طرح ڄاڻون ٿا. |
| وَقُلْ رَّبِّ اَعُوْذُ بِكَ مِنْ هَمَزٰتِ الشَّيٰطِيْنِ ﴿٩٧﴾ | ٩٨- ۽ تون چؤ اي منهنجا رب مان سرڪش ماڻهن جي شرارتن کان تنهن جي پناهہ گهران ٿو. |
| وَاَعُوْذُ بِكَ رَبِّ اَنْ يَّحْضُرُوْنِ ﴿٩٨﴾ | ٩٩- ۽ اي منهنجا رب! مان تنهن جي پناهہ گهران ٿو انهيءَ کان (بہ) تہ اهي منهن جي سامهون اچن. |
| حَتّٰٓى اِذَا جَاۗءَ اَحَدَهُمُ الْمَوْتُ قَالَ رَبِّ ارْجِعُوْنِ ﴿٩٩﴾ | ١٠٠- ۽ انهيءَ وقت جڏهين انهن مان ڪنهن تي موت اچي ويندو اهو چوندو اي منهنجا رب! مونکي واپس موٽاءِ. مونکي واپس |

هونداسين.

قَالَ اخْسَـُٔوْا فِيْهَا وَلَا تُكَلِّمُوْنِ ﴿١٠٨﴾

١٠٩- (خدا) فرمائيندو (پري ٿي وڃو ۽) دوزخ ۾ هليا وڃو ۽ مون سان نہ ڳالهايو.

اِنَّهٗ كَانَ فَرِيْقٌ مِّنْ عِبَادِيْ يَقُوْلُوْنَ رَبَّنَآ اٰمَنَّا فَاغْفِرْ لَنَا وَارْحَمْنَا وَاَنْتَ خَيْرُ الرّٰحِمِيْنَ ﴿١٠٩﴾

١١٠- ڳالهہ هيءَ آهي تہ منهن جن ٻانهن مان هڪ گروهہ اهڙو هو جيڪو چوندو هو تہ اي اسانجا رب ! اسان ايمان آندو آهي - سو تون اسانکي بخش ۽ اسانتي رحم ڪر ۽ تون سڀني رحم ڪرڻ وارن مان سٺو آهين.

فَاتَّخَذْتُمُوْهُمْ سِخْرِيًّا حَتّٰٓى اَنْسَوْكُمْ ذِكْرِيْ وَكُنْتُمْ مِّنْهُمْ تَضْحَكُوْنَ ﴿١١٠﴾

١١١- پر توهان انهن کي کل مسخريءَ جو سانگ بنايو ايستائين جو انهن (توهانجي دلچسپيءَ جو سامان بنجي) توهان کان منهن جي يادگيري وساري ڇڏي ۽ توهان انهن سان هميشه کلون ڪندا رهيا.

اِنِّيْ جَزَيْتُهُمُ الْيَوْمَ بِمَا صَبَرُوْٓا اَنَّهُمْ هُمُ الْفَآئِزُوْنَ ﴿١١١﴾

١١٢- انهن جي صبر ڪرڻ سبب مان اڄ انهن کي حال سارو بدلو ڏيندس - يقينن اهي ڪامياب ٿيندا.

قٰلَ كَمْ لَبِثْتُمْ فِي الْاَرْضِ عَدَدَ سِنِيْنَ ﴿١١٢﴾

١١٣- پوءِ اهو (يعني خدا) فرمائيندو، ڪيترا سال توهان زمين ۾ رهيا آهيو؟

قَالُوْا لَبِثْنَا يَوْمًا اَوْ بَعْضَ يَوْمٍ فَسْـَٔلِ الْعَآدِّيْنَ ﴿١١٣﴾

١١٤- اهي چوندا- اسان هڪ ئي ڏينهن يا ڏينهن جو ڪجهہ حصو زمين ۾ رهيا آهيون، تون ڳڻڻ وارن کان پڇي ڏس.

قٰلَ اِنْ لَّبِثْتُمْ اِلَّا قَلِيْلًا لَّوْ اَنَّكُمْ كُنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿١١٤﴾

١١٥- (انهيءَ تي خدا تعاليٰ) فرمائيندو، جيڪڏهين توهان سمجهہ کان ڪم وٺو تہ توهان تمام ٿورو عرصو رهيا آهيو.

اَفَحَسِبْتُمْ اَنَّمَا خَلَقْنٰكُمْ عَبَثًا وَّاَنَّكُمْ اِلَيْنَا لَا تُرْجَعُوْنَ ﴿١١٥﴾

١١٦- ڇا توهان اهو سمجهندا هئا تہ اسان توهانکي بنان ڪنهن مقصد جي پيدا ڪيو آهي؟ ۽ اهو تہ توهان اسان ڏانهن موٽايا نہ ويندا.

فَتَعٰلَى اللّٰهُ الْمَلِكُ الْحَقُّ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ رَبُّ الْعَرْشِ

١١٧- پوءِ الله وڏي بلند شان وارو ۽ قائم رهڻ وارو ۽ قائم رکڻ وارو آهي انهيءَ

الْكَرِيْمِ ﴿١١٧﴾

كانسواءِ ڪوبہ معبود ڪونهي اهو عرش ڪريم جو رب آهي.

وَمَنْ يَّدْعُ مَعَ اللّٰهِ اِلٰهًا اٰخَرَ لَا بُرْهَانَ لَهٗ بِهٖ فَاِنَّمَا حِسَابُهٗ عِنْدَ رَبِّهٖ اِنَّهٗ لَا يُفْلِحُ الْكٰفِرُوْنَ ﴿١١٨﴾

١١٨- ۽ جيڪو بہ الله کانسواءِ ڪنهن ٻئي معبود کي پڪاري جنهن جو ڪو دليل ڪونهي، تہ انهيءَ جو حساب انهيءَ جي رب وٽ آهي. حقيقت هيءَ آهي تہ ڪافر ڪڏهين ڪامياب نہ ٿين.

وَقُلْ رَّبِّ اغْفِرْ وَارْحَمْ وَاَنْتَ خَيْرُ الرّٰحِمِيْنَ ﴿١١٩﴾ ع٦

١١٩- ۽ تون چؤ، اي منهنجا رب ! معاف ڪر ۽ رحم ڪر ۽ تون سڀني کان سٺو رحم ڪرڻ وارو آهين.

سُوْرَةُ النُّوْرِ مَدَنِيَّةٌ وَّهِيَ مَعَ الْبَسْمَلَةِ خَمْسٌ وَّسِتُّوْنَ اٰيَةً وَّتِسْعُ رُكُوْعَاتٍ

سورت نور - هي سورت مدني آهي ۽ بسم الله سميت هن جون پنجهٺ آيتون ۽ نو رڪوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ①

١- (مان) الله جو نالو وٺي جيڪو بيحد ڪرم ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي (پڙهانٿو)

سُوْرَةٌ اَنْزَلْنٰهَا وَفَرَضْنٰهَا وَاَنْزَلْنَا فِيْهَآ اٰيٰتٍۢ بَيِّنٰتٍ لَّعَلَّكُمْ تَذَكَّرُوْنَ ②

٢- (هيءَ) هڪ اهڙي سورت آهي جيڪا اسان لاٿي آهي ۽ (جنهن تي عمل ڪرڻ) اسان فرض ڪيو آهي ۽ انهيءَ ۾ اسان پنهن جا روشن حڪم بيان ڪيا آهن انهيءَ لاءِ ته توهان نصيحت حاصل ڪيو.

اَلزَّانِيَةُ وَالزَّانِيْ فَاجْلِدُوْا كُلَّ وَاحِدٍ مِّنْهُمَا مِائَةَ جَلْدَةٍ ۖ وَّلَا تَاْخُذْكُمْ بِهِمَا رَاْفَةٌ فِيْ دِيْنِ اللّٰهِ اِنْ كُنْتُمْ تُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ ۚ وَلْيَشْهَدْ عَذَابَهُمَا طَآئِفَةٌ مِّنَ الْمُؤْمِنِيْنَ ③

٣- زاني عورت ۽ زاني مرد (جيڪڏهن انهن تي الزام ثابت ٿي وڃي ته) انهن مان هڪ هڪ کي سئو ڪوڙا لڳايو ۽ جيڪڏهن توهان الله ۽ آخرت واري ڏينهن تي ايمان آڻيو ٿا ته الله جي حڪم بجا آڻڻ ۾ انهن ٻنهي قسمن جي ڏوهين جي باري ۾ توهانکي رحم نه اچي، ۽ گهرجي ته انهن ٻنهي جي سزا کي مومنن جي هڪ جماعت مشاهدو ڪري.

اَلزَّانِيْ لَا يَنْكِحُ اِلَّا زَانِيَةً اَوْ مُشْرِكَةً ۫ وَّالزَّانِيَةُ لَا يَنْكِحُهَآ اِلَّا زَانٍ اَوْ مُشْرِكٌ ۚ وَحُرِّمَ ذٰلِكَ عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ ④

٤- ۽ هڪ زاني مرد زاني عورت يا مشرڪ عورت کانسواءِ ڪنهن سان همبستر نٿو ٿئي ۽ نه زاني عورت، زاني مرد يا مشرڪ کانسواءِ ڪنهن سان همبستر ٿئي ٿي. ۽ مومنن تي اها (ڳالهه) حرام ڪئي ويئي آهي.

وَالَّذِيْنَ يَرْمُوْنَ الْمُحْصَنٰتِ ثُمَّ لَمْ يَاْتُوْا بِاَرْبَعَةِ شُهَدَآءَ فَاجْلِدُوْهُمْ ثَمٰنِيْنَ جَلْدَةً وَّلَا تَقْبَلُوْا

٥- ۽ جيڪي ماڻهو پاڪدامن عورت تي الزام لڳائين ٿا ۽ چار شاهد مهيا نٿا ڪن ته (انهن جي سزا هيءَ آهي ته) انهن کي اسي

لَهُمْ شَهَادَةً اَبَدًا ۚ وَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْفٰسِقُوْنَ ﴿٤﴾

ڪوڙا لڳايو ۽ انهن جي شاهدي ڪڏهين قبول نہ ڪيو. ۽ اهي ماڻهو (پنهن جي انهيءَ فعل جي سببان اسلامي شريعت جي) اطاعت کان خارج آهن.

اِلَّا الَّذِيْنَ تَابُوْا مِنْۢ بَعْدِ ذٰلِكَ وَاَصْلَحُوْا ۚ فَاِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿٥﴾

٦۔ سواءِ انهن جي جيڪي بعد ۾ توبهہ ڪن ۽ اصلاح ڪن. سو (ائين ڪرڻ تي) الله يقينن ڏاڍو (بخشڻ وارو ۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي.

وَالَّذِيْنَ يَرْمُوْنَ اَزْوَاجَهُمْ وَلَمْ يَكُنْ لَّهُمْ شُهَدَآءُ اِلَّآ اَنْفُسُهُمْ فَشَهَادَةُ اَحَدِهِمْ اَرْبَعُ شَهٰدٰتٍۭ بِاللّٰهِ ۙ اِنَّهٗ لَمِنَ الصّٰدِقِيْنَ ﴿٦﴾

٧۔ ۽ جيڪي ماڻهو پنهن جي زالن تي الزام لڳائين ٿا ۔ ۽ انهن وٽ سواءِ پنهن جي وجود (جي) ٻيو ڪو شاهد نہ هوندو آهي، تہ انهن مان هر شخص کي اهڙي شاهدي ڏيڻ گهرجي جيڪو الله جو قسم کڻي چئن شاهدين تي مشتمل هجي ۽(هر شاهدي ۾) هو اهو چوي تہ اهو سچارن مان آهي.

وَالْخَامِسَةُ اَنَّ لَعْنَتَ اللّٰهِ عَلَيْهِ اِنْ كَانَ مِنَ الْكٰذِبِيْنَ ﴿٧﴾

٨۔ ۽ پنجين (شاهدي) ۾ (چوي) تہ انهيءَ تي خدا جي لعنت هجي. جيڪڏهن اهو ڪوڙن مان هجي.

وَيَدْرَؤُا عَنْهَا الْعَذَابَ اَنْ تَشْهَدَ اَرْبَعَ شَهٰدٰتٍۭ بِاللّٰهِ ۙ اِنَّهٗ لَمِنَ الْكٰذِبِيْنَ ﴿٨﴾

٩۔ ۽ انهيءَ زال کان (جنهن تي سندس مڙس الزام لڳائي) اهو الله جو قسم کائي چار شاهديون ڏيڻ تہ هو (مڙس) ڪوڙو آهي عذاب ٽاري ڇڏيندو.

وَالْخَامِسَةَ اَنَّ غَضَبَ اللّٰهِ عَلَيْهَآ اِنْ كَانَ مِنَ الصّٰدِقِيْنَ ﴿٩﴾

١٠۔ ۽ پنجون (قسم) اهڙيءَ طرح (کڻي) تہ الله جو غضب انهيءَ (عورت) تي نازل ٿئي جيڪڏهن اهو (الزام لڳائڻ وارو خاوند) سچو آهي.

وَلَوْلَا فَضْلُ اللّٰهِ عَلَيْكُمْ وَرَحْمَتُهٗ وَاَنَّ اللّٰهَ تَوَّابٌ حَكِيْمٌ ﴿١٠﴾ ع

١١۔ ۽ جيڪڏهن الله جو فضل ۽ انهيءَ جي رحمت توهانتي نہ هجي ها ۽ هيءَ نہ هجي ها تہ الله وڏي فضل ڪرڻ وارو (۽) وڏين حڪمتن وارو آهي (تہ توهان ماڻهو تباهيءَ

الله وٽ تمام وڏي هئي.

وَلَوْلَآ إِذْ سَمِعْتُمُوهُ قُلْتُم مَّا يَكُونُ لَنَآ أَن نَّتَكَلَّمَ بِهَٰذَا سُبْحَٰنَكَ هَٰذَا بُهْتَٰنٌ عَظِيمٌ ﴿١٧﴾

١٧. ۽ جو نہ ٿيو جو جڏهين توهان انهيءَ ڳالهہ کي ٻڌو هو تہ فورن چئي ڏنو تہ هيءَ اسانجو ڪم نہ آهي جو اسان انهيءَ ڳالهہ کي اڳتي دهرايون. اي خدا تون پاڪ آهين هيءَ وڏو بهتان آهي.

يَعِظُكُمُ ٱللَّهُ أَن تَعُودُوا۟ لِمِثْلِهِۦٓ أَبَدًا إِن كُنتُم مُّؤْمِنِينَ ﴿١٨﴾

١٨. الله توهانکي انهيءَ قسم جي ڳالهہ ٻيهر ڪرڻ کان هميشه جي لاءِ روڪيٿو، جيڪڏهن توهان مومن آهيو.

وَيُبَيِّنُ ٱللَّهُ لَكُمُ ٱلْـَٔايَٰتِ ۚ وَٱللَّهُ عَلِيمٌ حَكِيمٌ ﴿١٩﴾

١٩. ۽ الله توهان جي لاءِ پنهن جا حڪم بيان ڪريٿو ۽ الله ڏاڍو ڄاڻڻ وارو (۽) حڪمت وارو آهي.

إِنَّ ٱلَّذِينَ يُحِبُّونَ أَن تَشِيعَ ٱلْفَٰحِشَةُ فِى ٱلَّذِينَ ءَامَنُوا۟ لَهُمْ عَذَابٌ أَلِيمٌ فِى ٱلدُّنْيَا وَٱلْـَٔاخِرَةِ ۚ وَٱللَّهُ يَعْلَمُ وَأَنتُمْ لَا تَعْلَمُونَ ﴿٢٠﴾

٢٠. يقينن جيڪي ماڻهو چاهين ٿا تہ مومنن ۾ بدي پکڙجي وڃي انهن لاءِ ڏاڍو دردناڪ عذاب آهي دنيا ۾ بہ آخرت ۾ بہ ۽ الله ڄاڻيٿو ۽ توهان نٿا ڄاڻو.

وَلَوْلَا فَضْلُ ٱللَّهِ عَلَيْكُمْ وَرَحْمَتُهُۥ وَأَنَّ ٱللَّهَ رَءُوفٌ رَّحِيمٌ ﴿٢١﴾

٢١. ۽ جيڪڏهن الله جو فضل ۽ رحم توهانتي نہ هجي ها ۽ جيڪڏهن الله ڏاڍو مهربان (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو نہ هجي ها (تہ توهان مصيبت ۾ پئجي وڃو ها).

يَٰٓأَيُّهَا ٱلَّذِينَ ءَامَنُوا۟ لَا تَتَّبِعُوا۟ خُطُوَٰتِ ٱلشَّيْطَٰنِ ۚ وَمَن يَتَّبِعْ خُطُوَٰتِ ٱلشَّيْطَٰنِ فَإِنَّهُۥ يَأْمُرُ بِٱلْفَحْشَآءِ وَٱلْمُنكَرِ ۚ وَلَوْلَا فَضْلُ ٱللَّهِ عَلَيْكُمْ وَرَحْمَتُهُۥ مَا زَكَىٰ مِنكُم مِّنْ أَحَدٍ أَبَدًا وَلَٰكِنَّ ٱللَّهَ يُزَكِّى مَن يَشَآءُ ۗ وَٱللَّهُ سَمِيعٌ عَلِيمٌ ﴿٢٢﴾

٢٢. اي مومنو ! شيطان جي قدمن تي نہ هلو ۽ جيڪو بہ شيطان جي قدمن تي هليٿو تہ اهو سمجهي وٺي تہ شيطان بدين ۽ نا پسنديده ڳالهين جو حڪم ڏئي ٿو ۽ جيڪڏهن الله جو فضل ۽ رحم توهانتي نہ ٿئي ها تہ ڪڏهين بہ توهان مان ڪو پاڪباز نہ هجي ها. پر الله جنهن کي چاهيٿو پاڪباز بنائي ڇڏيٿو ۽ الله ڏاڍو دعائون ٻڌڻ وارو ڏاڍو ڄاڻڻ وارو آهي.

وَلَا يَأْتَلِ أُو۟لُوا۟ ٱلْفَضْلِ مِنكُمْ وَٱلسَّعَةِ أَن يُؤْتُوٓا۟

٢٣. ۽ توهان مان (دين ۽ دنيا ۾) فضيلت

أُولِي الْقُرْبٰى وَالْمَسٰكِيْنَ وَالْمُهٰجِرِيْنَ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ۖ وَلْيَعْفُوْا وَلْيَصْفَحُوْا ۗ اَلَا تُحِبُّوْنَ اَنْ يَّغْفِرَ اللّٰهُ لَكُمْ ۗ وَاللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿٢٢﴾

رکڻ وارا ۽ آسودا ماڻهو قسم نہ کڻن تہ پنهن جي مائٽن ۽ مسکينن ۽ الله جي رستي ۾ هجرت ڪرڻ وارن جي مدد نہ ڪندا ۽ گهرجي تہ اهي معاف ڪن ۽ درگذر ڪن ڇا توهان نٿا چاهيو تہ الله توهانجا ڏوهہ معاف ڪري ۽ الله ڏاڍو معاف ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي.

اِنَّ الَّذِيْنَ يَرْمُوْنَ الْمُحْصَنٰتِ الْغٰفِلٰتِ الْمُؤْمِنٰتِ لُعِنُوْا فِي الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةِ ۪ وَلَهُمْ عَذَابٌ عَظِيْمٌ ﴿٢٣﴾

٢٤- اهي ماڻهو جيڪي پاڪدامن عورتن تي بهتان لڳائين ٿا - جيڪي (شرين جي شرارت کان) غافل آهن ۽ ايماندار آهن انهن تي دنيا ۽ آخرت ۾ لعنت ڪئي ويندي ۽ انهي جي لاءِ وڏو عذاب هوندو.

يَّوْمَ تَشْهَدُ عَلَيْهِمْ اَلْسِنَتُهُمْ وَاَيْدِيْهِمْ وَاَرْجُلُهُمْ بِمَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿٢٤﴾

٢٥- انهيءَ ڏينهن جڏهين تہ انهن جون زبانون بہ ۽ انهن جا هٿ بہ ۽ انهن جا پير بہ انهن جي انهن عملن جي متعلق جيڪي اهي ڪندا هئا انهن جي خلاف شاهدي ڏيندا.

يَوْمَئِذٍ يُّوَفِّيْهِمُ اللّٰهُ دِيْنَهُمُ الْحَقَّ وَيَعْلَمُوْنَ اَنَّ اللّٰهَ هُوَ الْحَقُّ الْمُبِيْنُ ﴿٢٥﴾

٢٦- انهيءَ ڏينهن الله انهن جو صحيح بدلو ڏيندو ۽ اهي سمجهي وٺندا تہ الله ئي ڪامل سچائي آهي اهڙي سچائي جيڪا پنهنجي پاڪائي خود ظاهر ڪري ڇڏي ٿي.

اَلْخَبِيْثٰتُ لِلْخَبِيْثِيْنَ وَالْخَبِيْثُوْنَ لِلْخَبِيْثٰتِ ۚ وَالطَّيِّبٰتُ لِلطَّيِّبِيْنَ وَالطَّيِّبُوْنَ لِلطَّيِّبٰتِ ۚ اُولٰٓئِكَ مُبَرَّءُوْنَ مِمَّا يَقُوْلُوْنَ ۖ لَهُمْ مَّغْفِرَةٌ وَّرِزْقٌ كَرِيْمٌ ﴿٢٦﴾

ع ٣/٦/٩

٢٧- خراب ڳالهيون خراب مردن لاءِ آهن ۽ خراب مرد خراب ڳالهين لاءِ آهن ۽ پاڪ ڳالهيون پاڪ مردن لاءِ آهن ۽ پاڪ مرد پاڪ ڳالهين لاءِ آهن. اهي سڀ ماڻهو انهن ڳالهين کان جيڪي (دشمن) چونٿا پاڪ آهن. انهن جي لاءِ بخشش ۽ عزت ڀريو رزق (مقدر) آهي.

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَدْخُلُوْا بُيُوْتًا غَيْرَ بُيُوْتِكُمْ حَتّٰى تَسْتَاْنِسُوْا وَتُسَلِّمُوْا عَلٰۤى اَهْلِهَا ۚ ذٰلِكُمْ خَيْرٌ لَّكُمْ

٢٨- اي مومنو! پنهن جن گهرن کانسواءِ ٻين گهرن ۾ نہ داخل ٿيندا ڪيو جيستائين اجازت نہ وٺو ۽ (داخل ٿيڻ کان پهرين)

لَعَلَّكُمْ تَذَكَّرُوْنَ ﴿٢٨﴾

انهن گهرن ۾ رهڻ وارن کي سلام نه ڪيو. اهو توهان جي لاءِ سنو ٿيندو ۽ انهيءَ (فعل) جو نتيجو اهو ٿيندو جو توهان (نيڪ ڳالهين کي هميشه) ياد رکندؤ.

فَاِنْ لَّمْ تَجِدُوْا فِيْهَآ اَحَدًا فَلَا تَدْخُلُوْهَا حَتّٰى يُؤْذَنَ لَكُمْ ۚ وَاِنْ قِيْلَ لَكُمُ ارْجِعُوْا فَارْجِعُوْا هُوَ اَزْكٰى لَكُمْ ۗ وَاللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ عَلِيْمٌ ﴿٢٩﴾

٢٩. ۽ جيڪڏهن توهان انهن گهرن ۾ ڪنهنکي نه لهو تڏهين به انهن ۾ داخل نه ٿيو ايستائين جو توهان کي (گهر وارن جي طرفان) اجازت نه ملي وڃي. ۽ جيڪڏهن (ڪو گهر ۾ هجي ۽) توهانکي چيو وڃي ته هن وقت هليا وڃو توهان هليا وڃو. اهو توهان جي لاءِ وڌيڪ پاڪ هوندو ۽ الله توهانجن ڪمن کي خوب ڄاڻيٿو.

لَيْسَ عَلَيْكُمْ جُنَاحٌ اَنْ تَدْخُلُوْا بُيُوْتًا غَيْرَ مَسْكُوْنَةٍ فِيْهَا مَتَاعٌ لَّكُمْ ۗ وَاللّٰهُ يَعْلَمُ مَا تُبْدُوْنَ وَمَا تَكْتُمُوْنَ ﴿٣٠﴾

٣٠. توهانجي لاءِ انهن گهرن ۾ داخل ٿيڻ گناهه جو سبب ڪونهي جن ۾ ڪوبه ڪونه ٿو رهي ۽ توهانجو سامان انهن ۾ پيو آهي ۽ الله انهيءَ کي به ڄاڻي ٿو جنهن کي توهان ظاهر ڪيو ٿا ۽ انهيءَ کي به جنهن کي توهان لڪايو ٿا.

قُلْ لِّلْمُؤْمِنِيْنَ يَغُضُّوْا مِنْ اَبْصَارِهِمْ وَيَحْفَظُوْا فُرُوْجَهُمْ ۗ ذٰلِكَ اَزْكٰى لَهُمْ ۗ اِنَّ اللّٰهَ خَبِيْرٌۢ بِمَا يَصْنَعُوْنَ ﴿٣١﴾

٣١. تون مومنن کي چؤ ته اهي پنهن جون اکيون هيٺ رکن ۽ پنهنجي شرم گاهن جي حفاظت ڪندا ڪن. اهو انهن جي لاءِ ڏاڍو پاڪائي جو سبب بنبو. جيڪي ڪجهه اهي ڪن ٿا الله انهيءَ کان پوريءَ طرح واقف آهي.

وَقُلْ لِّلْمُؤْمِنٰتِ يَغْضُضْنَ مِنْ اَبْصَارِهِنَّ وَيَحْفَظْنَ فُرُوْجَهُنَّ وَلَا يُبْدِيْنَ زِيْنَتَهُنَّ اِلَّا مَا ظَهَرَ مِنْهَا وَلْيَضْرِبْنَ بِخُمُرِهِنَّ عَلٰى جُيُوْبِهِنَّ ۠ وَلَا يُبْدِيْنَ زِيْنَتَهُنَّ اِلَّا لِبُعُوْلَتِهِنَّ اَوْ اٰبَآئِهِنَّ اَوْ اٰبَآءِ بُعُوْلَتِهِنَّ اَوْ اَبْنَآئِهِنَّ اَوْ اَبْنَآءِ بُعُوْلَتِهِنَّ اَوْ اِخْوَانِهِنَّ اَوْ

٣٢. ۽ مومن عورتن کي چؤ ته اهي به پنهن جون اکيون هيٺ رکن ۽ پنهنجن شرم گاهن جي حفاظت ڪنديون ڪن ۽ پنهن جي زينت کي ظاهر نه ڪنديون ڪن سواءِ انهيءَ جي جيڪي پنهن جو پاڻ بي اختيار ظاهر ٿينديون هجن. ۽ پنهن جن چادرن کي پنهن

بَنِيْٓ اِخْوَانِهِنَّ اَوْ بَنِيْٓ اَخَوٰتِهِنَّ اَوْ نِسَآئِهِنَّ اَوْ مَا
مَلَكَتْ اَيْمَانُهُنَّ اَوِ التّٰبِعِيْنَ غَيْرِ اُولِي الْاِرْبَةِ
مِنَ الرِّجَالِ اَوِ الطِّفْلِ الَّذِيْنَ لَمْ يَظْهَرُوْا عَلٰى عَوْرٰتِ
النِّسَآءِ ۠ وَلَا يَضْرِبْنَ بِاَرْجُلِهِنَّ لِيُعْلَمَ مَا يُخْفِيْنَ
مِنْ زِيْنَتِهِنَّ ؕ وَتُوْبُوْٓا اِلَى اللّٰهِ جَمِيْعًا اَيُّهَ الْمُؤْمِنُوْنَ
لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ ﴿٣١﴾

جي ڇاتيءَ تان نہ پائي ۽ انهيءَ کي ڍڪي پائينديون ڪن ۽ اهي صرف پنهن جن مڙسن يا پنهنجي پيئرن يا پنهنجن سهرن يا پنهنجن پٽن، يا پنهنجن مڙسن جي پٽن، يا پنهنجن ڀائرن يا پنهنجن ڀائيٽن يا پنهنجن ڀاڻيجن، يا پنهنجن (ڪنب وارين) عورتن، يا جن جا مالڪ انهن جا ساڄا هٿ ٿيا هجن، يا اهڙن ماتحت مردن تي جيڪي اجا جوان نہ ٿيا هجن، يا اهڙن ٻارن تي جن کي اجا عورتن جي خاص تعلقن جو علم حاصل نہ ٿيو هجي، پنهن جي زينت ظاهر ڪن. انهن کانسواءِ ڪنهن تي بہ ظاهر نہ ڪن - ۽ پنهن جا پير (زور سان زمين تي) انهيءَ لاءِ نہ هڻن جو اها شيءِ ظاهر ٿي پوي جنهن کي اهي پنهنجي زينت سان لڪائي رهيون آهن. ۽ اي مومنو ! سڀيئي الله ڏانهن رجوع ڪيو انهيءَ لاءِ تہ توهان ڪامياب ٿي وڃو.

وَاَنْكِحُوا الْاَيَامٰى مِنْكُمْ وَالصّٰلِحِيْنَ مِنْ عِبَادِكُمْ
وَاِمَآئِكُمْ ؕ اِنْ يَّكُوْنُوْا فُقَرَآءَ يُغْنِهِمُ اللّٰهُ مِنْ فَضْلِهٖ ؕ
وَاللّٰهُ وَاسِعٌ عَلِيْمٌ ﴿٣٢﴾

٣٣- ۽ پنهن جن مان جيڪي رن زالون آهن ۽ جيڪي پنهن جن ٻانهن يا ٻانهين مان نيڪ هجن انهن جون شاديون ڪري ڇڏيندا ڪيو. ۽ جيڪڏهن اهي غريب آهن تہ الله پنهن جي فضل سان انهن کي آسودو بنائي ڇڏيندو - ۽ الله ڏاڍي ڪشادگيءَ وارو (۽) ڏاڍو ڄاڻڻ وارو آهي.

وَلْيَسْتَعْفِفِ الَّذِيْنَ لَا يَجِدُوْنَ نِكَاحًا حَتّٰى يُغْنِيَهُمُ
اللّٰهُ مِنْ فَضْلِهٖ ؕ وَالَّذِيْنَ يَبْتَغُوْنَ الْكِتٰبَ مِمَّا مَلَكَتْ
اَيْمَانُكُمْ فَكَاتِبُوْهُمْ اِنْ عَلِمْتُمْ فِيْهِمْ خَيْرًا ۖ وَّاٰتُوْهُمْ
مِّنْ مَّالِ اللّٰهِ الَّذِيْٓ اٰتٰىكُمْ ؕ وَلَا تُكْرِهُوْا فَتَيٰتِكُمْ
عَلَى الْبِغَآءِ اِنْ اَرَدْنَ تَحَصُّنًا لِّتَبْتَغُوْا عَرَضَ الْحَيٰوةِ

٣٤- ۽ گهرجي تہ اهي ماڻهو جن کي نڪاح جي طاقت ڪانهي پاڪائي اختيار ڪن ايستائين جو الله انهن کي پنهن جي فضل سان آسودو بنائي ڇڏي ۽ توهانجن ٻانهن مان جيڪي ماڻهو لکيت جي گهر ڪن جيڪڏهن توهان انهن ۾ ڀلائي ڏسو تہ انهن سان لکپڙهہ ڪيو ۽ (جيڪڏهن انهن وٽ پورو

الدُّنْيَا ۚ وَمَنْ يُكْرِهْهُنَّ فَإِنَّ اللَّهَ مِنْ بَعْدِ إِكْرَاهِهِنَّ غَفُورٌ رَحِيمٌ ﴿٣٤﴾

مال نہ هجي تہ) جيڪو الله توهانکي مال ڏنو آهي انهيءَ مان ڪجهہ مال ڏيئي (ڪري انهن جي آزادي ممڪن بنائي) ڇڏيو. ۽ توهان پنهن جن ٻانهين کي بدڪاريءَ تي مجبور نہ ڪيو جيڪڏهن اهي نيڪ رهڻ چاهينديون هجن، انهيءَ لاءِ تہ توهان انهيءَ ذريعي دنيوي زندگيءَ جو سامان جمع ڪيو ۽ جيڪو انهن کي مجبور ڪري تہ الله انهن عورتن جي مجبوريءَ ڪانپوءِ ڏاڍو بخشڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي (اهو انهن تي پڪڙ نہ ڪندو).

وَلَقَدْ أَنْزَلْنَا إِلَيْكُمْ آيَاتٍ مُبَيِّنَاتٍ وَمَثَلًا مِنَ الَّذِينَ خَلَوْا مِنْ قَبْلِكُمْ وَمَوْعِظَةً لِلْمُتَّقِينَ ﴿٣٥﴾ ع

٣٥. ۽ اسان توهان تي ظاهر ظهور نشانيون لاٿيون آهن ۽ جيڪي ماڻهو توهان کان پهرين گذري چڪا آهن انهن جون حالتون بہ بيان ڪيون اٿون ۽ متقين لاءِ نصيحت جون ڳالهيون بہ بيان ڪيون اٿون.

اللَّهُ نُورُ السَّمَاوَاتِ وَالْأَرْضِ ۚ مَثَلُ نُورِهِ كَمِشْكَاةٍ فِيهَا مِصْبَاحٌ ۖ الْمِصْبَاحُ فِي زُجَاجَةٍ ۖ الزُّجَاجَةُ كَأَنَّهَا كَوْكَبٌ دُرِّيٌّ يُوقَدُ مِنْ شَجَرَةٍ مُبَارَكَةٍ زَيْتُونَةٍ لَا شَرْقِيَّةٍ وَلَا غَرْبِيَّةٍ يَكَادُ زَيْتُهَا يُضِيءُ وَلَوْ لَمْ تَمْسَسْهُ نَارٌ ۚ نُورٌ عَلَىٰ نُورٍ ۗ يَهْدِي اللَّهُ لِنُورِهِ مَنْ يَشَاءُ ۚ وَيَضْرِبُ اللَّهُ الْأَمْثَالَ لِلنَّاسِ ۗ وَاللَّهُ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيمٌ ﴿٣٦﴾

٣٦. الله آسمانن جو بہ نور آهي ۽ زمين جو بہ. انهيءَ جي نور جي حالت هيءَ آهي جيئن هڪ جارو هجي جنهن ۾ هڪ ڏيو رکيو هجي (۽ اهو) ڏيو هڪ ڪائي جي شمعدان جي هيٺيان هجي (۽) اهو شمعدان اهڙو روشن هجي جڻ اهو هڪ چمڪندڙ تارو آهي (۽) اهو (ڏيو) هڪ اهڙي برڪت واري وڻ زيتون (جي تيل) سان ٻاريو ويو هجي جو اهو (وڻ) نہ اوڀر جو هجي نہ اولهہ جو. ويجهو آهي جو انهيءَ جي تيل کي باهہ نہ بہ ڇهيو هجي تہ بہ ٻرڪي اٿي (هيءَ ڏيو) ڪيترن نورن جو مجموعو (معلوم ٿئي) ٿو الله پنهن جي نور لاءِ جن کي گهري ٿو هدايت ڏئي ٿو ۽ الله ماڻهن لاءِ (تمام ضروري)

ڳالهيون بيان ڪري ٿو ۽ الله هر هڪ شيءِ کي چڱيءَ طرح ڄاڻيٿو.

فِيْ بُيُوْتٍ اَذِنَ اللّٰهُ اَنْ تُرْفَعَ وَ يُذْكَرَ فِيْهَا اسْمُهٗ يُسَبِّحُ لَهٗ فِيْهَا بِالْغُدُوِّ وَالْاٰصَالِ ۝٣٦

٣٧- هي (ڏيا) اهڙن گهرن ۾ آهن جن کي مٿي ڪرڻ جو خدا حڪم ڏنو آهي ۽ انهن ۾ خدا جو نالو ورتو وڃيٿو (۽) انهن ۾ صبح ۽ شام تسبيح ڪندا رهن ٿا ڪي مرد.

رِجَالٌ ۙ لَّا تُلْهِيْهِمْ تِجَارَةٌ وَّ لَا بَيْعٌ عَنْ ذِكْرِ اللّٰهِ وَ اِقَامِ الصَّلٰوةِ وَاِيْتَآءِ الزَّكٰوةِ ۙ يَخَافُوْنَ يَوْمًا تَتَقَلَّبُ فِيْهِ الْقُلُوْبُ وَالْاَبْصَارُ ۝٣٧

٣٨- جن کي الله جي ذڪر کان ۽ نماز جي قائم ڪرڻ کان ۽ زڪوات ڏيڻ کان نه واپار ۽ نه سودو وڪڻڻ غافل ڪريٿو. اهي انهيءَ ڏينهن کان ڊڄن ٿا جنهن ۾ دليون ابتيون ٿي وينديون ۽ اکيون اونڌيون ٿي وينديون (نتيجو اهو ٿيندو جو)

لِيَجْزِيَهُمُ اللّٰهُ اَحْسَنَ مَا عَمِلُوْا وَيَزِيْدَهُمْ مِّنْ فَضْلِهٖ ؕ وَاللّٰهُ يَرْزُقُ مَنْ يَّشَآءُ بِغَيْرِ حِسَابٍ ۝٣٨

٣٩- الله انهن کي انهن جي عملن جي بهتر جزا ڏيندو ۽ انهن کي پنهن جي فضل سان (مال ۽ اولاد ۾) وڌائيندو ۽ الله جنهن کي چاهي ٿو بنان حساب جي رزق ڏئيٿو.

وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا اَعْمَالُهُمْ كَسَرَابٍۭ بِقِيْعَةٍ يَّحْسَبُهُ الظَّمْاٰنُ مَآءً ۭ حَتّٰٓى اِذَا جَآءَهٗ لَمْ يَجِدْهُ شَيْـًٔا وَّوَجَدَ اللّٰهَ عِنْدَهٗ فَوَفّٰىهُ حِسَابَهٗ ۭ وَاللّٰهُ سَرِيْعُ الْحِسَابِ ۝٣٩

٤٠- ۽ اهي ماڻهو جن ڪفر ڪيو انهن جا عمل رڃ وانگر آهن جيڪا هڪ ڪشادي ميدان ۾ نظر ايندي آهي جنهن کي اڃارو، پاڻي سجهندو آهي ايستائين جو جڏهين اهو انهيءَ وٽ پهچندو آهي ته انهيءَ کي ڪجهه به حاصل نه ٿيندو آهي ۽ الله کي انهيءَ وٽ ڏسي وٺندو آهي تڏهين الله هن کي سندس پورو پورو حساب چڪائي ڏيندو آهي ۽ الله ڏاڍو جلد حساب چڪائڻ وارن مان آهي.

اَوْ كَظُلُمٰتٍ فِيْ بَحْرٍ لُّجِّيٍّ يَّغْشٰىهُ مَوْجٌ مِّنْ فَوْقِهٖ مَوْجٌ مِّنْ فَوْقِهٖ سَحَابٌ ۭ ظُلُمٰتٌۢ بَعْضُهَا فَوْقَ بَعْضٍ ۭ اِذَآ اَخْرَجَ يَدَهٗ لَمْ يَكَدْ يَرٰىهَا ۭ وَمَنْ لَّمْ يَجْعَلِ اللّٰهُ لَهٗ نُوْرًا فَمَا لَهٗ مِنْ نُّوْرٍ ۝٤٠

ع ١١

٤١- يا (انهن ڪافرن جي عملن جي حالت انهن اونداهين جهڙي آهي جيڪي هڪ اٿاهه سمنڊ جي مٿان ڇانيل هونديون آهن جن تي لهرون اٿنديون رهنديون آهن ۽ انهن لهرن مٿان ٻيون لهرون اٿنديون رهنديون آهن ۽

انهن سڀني جي مٿان هڪ ڪڪر هوندو آهي اهي اهڙيون اونداهيون هونديون آهن جو انهن مان ڪي ڪن جي مٿان ڇانيل هونديون آهن جڏهين انسان پنهن جو هٿ ڪڍندو آهي تہ باوجود ڪوشش جي انهيءَ کي ڏسي نہ سگهندو آهي ۽ جنهن جي لاءِ الله نور نہ بنائي انهيءَ کي ڪٿان بہ نور نٿو ملي.

اَلَمْ تَرَ اَنَّ اللّٰهَ يُسَبِّحُ لَهٗ مَنْ فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَالطَّيْرُ صٰٓفّٰتٍ ۭ كُلٌّ قَدْ عَلِمَ صَلَاتَهٗ وَتَسْبِيْحَهٗ ۭ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌۢ بِمَا يَفْعَلُوْنَ ۴۲

۴۲. ڇا تون ڏسين نٿو تہ الله اهو آهي جو جيڪي آسمانن ۽ زمين ۾ رهن ٿا سڀئي انهيءَ جي تسبيح ڪن ٿا ۽ پکي قطار ٻڌيو انهيءَ جي اڳيان حاضر آهن. انهن مان هر هڪ (پنهن جي پنهن جي پيدائش جي مطابق) پنهن جي نماز ۽ پنهنجي تسبيح کي ڄاڻيٿو ۽ جيڪي ڪي اهي ڪن ٿا الله انهيءَ کي چڱيءَ طرح ڄاڻيٿو.

وَلِلّٰهِ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۚ وَاِلَى اللّٰهِ الْمَصِيْرُ ۴۳

۴۳. ۽ آسمانن ۽ زمين جي بادشاهت الله جي ئي آهي ۽ الله ڏانهن ئي سڀني کي موٽي وڃڻو آهي.

اَلَمْ تَرَ اَنَّ اللّٰهَ يُزْجِيْ سَحَابًا ثُمَّ يُؤَلِّفُ بَيْنَهٗ ثُمَّ يَجْعَلُهٗ رُكَامًا فَتَرَى الْوَدْقَ يَخْرُجُ مِنْ خِلٰلِهٖ ۚ وَيُنَزِّلُ مِنَ السَّمَاۗءِ مِنْ جِبَالٍ فِيْهَا مِنْۢ بَرَدٍ فَيُصِيْبُ بِهٖ مَنْ يَّشَاۗءُ وَيَصْرِفُهٗ عَنْ مَّنْ يَّشَاۗءُ ۭ يَكَادُ سَنَا بَرْقِهٖ يَذْهَبُ بِالْاَبْصَارِ ۴۴

۴۴. ڇا تو نہ ڏٺو تہ الله ڪڪرن کي آهستي آهستي ڌڪي آڻيندو آهي پوءِ انهن جي وچ ميلاپ پيدا ڪري ڇڏيندو آهي پوءِ انهن کي تهن تي تهہ بنائي ڇڏيندو آهي پوءِ تون ڏسين ٿو تہ انهن جي اندران مينهن وسڻ لڳندو آهي ۽ اهو ڪڪر مان تمام وڏي مقدار جون شيون ڪيرائيندو آهي جن مان ڪي ڳڙن جي قسم جون هونديون آهن ۽ انهيءَ کي جنهن (قوم) تائين چاهيندو آهي پهچائي ڇڏيندو آهي ۽ جنهن کان چاهيندو آهي انهيءَ کي روڪي ڇڏيندو آهي. ويجهو آهي جو انهيءَ جي کنوڻ جي روشني ڪن اکين کي

إِنَّمَا كَانَ قَوْلَ الْمُؤْمِنِينَ إِذَا دُعُوٓا إِلَى اللَّهِ وَرَسُولِهِۦ لِيَحْكُمَ بَيْنَهُمْ أَن يَقُولُوا سَمِعْنَا وَأَطَعْنَا ۚ وَأُولَٰٓئِكَ هُمُ الْمُفْلِحُونَ ﴿٥٢﴾

٥٢۔ مومنن جو جواب جڏهين اهي الله ۽ انجي رسول ڏانهن سڏايا وڃن تہ اهي انهن جي وچم فيصلو ڪن هيءَ هوندو آهي تہ اسان ٻڌو ۽ اسان مڃيو ۽ اهي ئي ماڻهو ڪامياب ٿيندا آهن.

وَمَن يُطِعِ اللَّهَ وَرَسُولَهُۥ وَيَخْشَ اللَّهَ وَيَتَّقْهِ فَأُولَٰٓئِكَ هُمُ الْفَآئِزُونَ ﴿٥٣﴾

٥٣۔ ۽ جيڪي ماڻهون الله ۽ انجي رسول جي اطاعت ڪن ۽ الله کان ڊڄن ۽ انهيءَ جي تقويٰ اختيار ڪن اهي بامراد ٿي وڃن ٿا.

وَأَقْسَمُوا بِاللَّهِ جَهْدَ أَيْمَٰنِهِمْ لَئِنْ أَمَرْتَهُمْ لَيَخْرُجُنَّ ۖ قُل لَّا تُقْسِمُوا ۖ طَاعَةٌ مَّعْرُوفَةٌ ۚ إِنَّ اللَّهَ خَبِيرٌۢ بِمَا تَعْمَلُونَ ﴿٥٤﴾

٥٤۔ ۽ اهي ماڻهو الله جا پڪا قسم کڻن ٿا تہ جيڪڏهن تون انهن کي حڪم ڏين تہ اهي فورن گهرن مان نڪري پوندا. چؤ تہ قسم نہ کڻو. اسانجو حڪم تہ توهانکي صرف اهڙيءَ اطاعت جو آهي جيڪا عام فهم ۾ اطاعت سمجهي ويندي آهي. الله انهيءَ کان جيڪي توهان ڪيو ٿا، يقينن خبر رکندڙ آهي.

قُلْ أَطِيعُوا اللَّهَ وَأَطِيعُوا الرَّسُولَ ۖ فَإِن تَوَلَّوْا فَإِنَّمَا عَلَيْهِ مَا حُمِّلَ وَعَلَيْكُم مَّا حُمِّلْتُمْ ۖ وَإِن تُطِيعُوهُ تَهْتَدُوا ۚ وَمَا عَلَى الرَّسُولِ إِلَّا الْبَلَٰغُ الْمُبِينُ ﴿٥٥﴾

٥٥۔ تون چئو الله جي اطاعت ڪيو ۽ انهيءَ جي رسول جي اطاعت ڪيو. پوءِ جيڪڏهن اهي ڦري وڃن تہ انهيءَ (رسول) تي صرف انهيءَ جي ذميداري آهي جيڪا انهيءَ جي ذمي لڳائي وئي آهي ۽ توهانتي انهيءَ جي ذميداري آهي جا اوهانجي ذمي لڳائي وئي آهي ۽ جيڪڏهن توهان انهيءَ جي اطاعت ڪيو تہ هدايت پائيندو ۽ رسول جي ذمي تہ صرف ڳالهہ کي کولي پهچائڻو آهي.

وَعَدَ اللَّهُ الَّذِينَ ءَامَنُوا مِنكُمْ وَعَمِلُوا الصَّٰلِحَٰتِ لَيَسْتَخْلِفَنَّهُمْ فِي الْأَرْضِ كَمَا اسْتَخْلَفَ الَّذِينَ مِن قَبْلِهِمْ وَلَيُمَكِّنَنَّ لَهُمْ دِينَهُمُ الَّذِي ارْتَضَىٰ لَهُمْ وَلَيُبَدِّلَنَّهُم مِّنۢ بَعْدِ خَوْفِهِمْ أَمْنًا ۚ يَعْبُدُونَنِي

٥٦۔ الله توهان مان ايمان آڻڻ وارن ۽ حال سارو عمل ڪرڻ وارن سان واعدو ڪيو آهي تہ هو انهن کي زمين ۾ خليفو بنائيندو، جهڙي طرح انهن کان پهرين ماڻهن کي خليفو بنايو هو. ۽ جيڪو دين انهيءَ انهن لاءِ پسند ڪيو

لَا يُشْرِكُوْنَ بِيْ شَيْـًٔا ۭ وَمَنْ كَفَرَ بَعْدَ ذٰلِكَ فَاُولٰۗىِٕكَ
هُمُ الْفٰسِقُوْنَ ۝٥٥

آهي اهو انهن جي لاءِ انهيءَ کي مضبوطيءَ سان قائم ڪندو ۽ انهن جي خوف جي حالت کانپوءِ اهو انهن جي لاءِ امن جي حالت بدلائي ڇڏيندو. اهي منهن جي عبادت ڪندا (۽) ڪنهن بہ شيءِ کي منهن جو شريڪ نہ بڻائيندا ۽ جيڪي ماڻهون انهيءَ کانپوءِ بہ انڪار ڪندا اهي نافرمانن مان ٺهرايا ويندا.

وَاَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ وَاٰتُوا الزَّكٰوةَ وَاَطِيْعُوا الرَّسُوْلَ
لَعَلَّكُمْ تُرْحَمُوْنَ ۝٥٦

٥٧- ۽ توهان سڀني نمازن کي قائم ڪيو ۽ زڪواتون ڏيو ۽ انيءَ رسول جي اطاعت ڪيو انهيءَ لاءِ تہ توهانتي رحم ڪيو وڃي.

لَا تَحْسَبَنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مُعْجِزِيْنَ فِي الْاَرْضِ ۚ
وَمَاْوٰىهُمُ النَّارُ ۭ وَلَبِئْسَ الْمَصِيْرُ ۝٥٧ ع ١٣

٥٨- (۽ اي مخاطب) ڪڏهين خيال نہ ڪر تہ ڪافر زمين ۾ اسانکي پنهن جن تدبيرن سان عاجز ڪري ڇڏيندا ۽ انهن جو ٺڪاڻو تہ دوزخ آهي ۽ اهو تمام برو ٺڪاڻو آهي.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لِيَسْتَاْذِنْكُمُ الَّذِيْنَ مَلَكَتْ
اَيْمَانُكُمْ وَالَّذِيْنَ لَمْ يَبْلُغُوا الْحُلُمَ مِنْكُمْ ثَلٰثَ
مَرّٰتٍ ۭ مِنْ قَبْلِ صَلٰوةِ الْفَجْرِ وَحِيْنَ تَضَعُوْنَ ثِيَابَكُمْ
مِّنَ الظَّهِيْرَةِ وَمِنْۢ بَعْدِ صَلٰوةِ الْعِشَاۗءِ ړ ثَلٰثُ عَوْرٰتٍ
لَّكُمْ ۭ لَيْسَ عَلَيْكُمْ وَلَا عَلَيْهِمْ جُنَاحٌۢ بَعْدَهُنَّ ۭ
طَوّٰفُوْنَ عَلَيْكُمْ بَعْضُكُمْ عَلٰي بَعْضٍ ۭ كَذٰلِكَ يُبَيِّنُ
اللّٰهُ لَكُمُ الْاٰيٰتِ ۭ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌ حَكِيْمٌ ۝٥٨

٥٩- اي مومنو ! گهرجي تہ اهي ماڻهون جن جا مالڪ توهانجا ساڄا هٿ آهن ۽ اهي ماڻهو جيڪي اڃا بلوغت کي نہ پهتا آهن اهي ٽن وقتن ۾ اجازت وٺي اندر ايندا ڪن صبح جي نماز کان اڳ ۽ جڏهين توهان ٻن پهرن جي وقت پنهنجا ڪپڙا لاهيندا آهيو ۽ سومهڻي جي نماز کانپوءِ.اهي ٽي وقت توهانجي پردي جا وقت آهن انهن وقتن کانپوءِ (اندر اچڻ وڃڻ تي) نہ توهانتي ڪو گناهہ آهي ۽ نہ انهن تي ڪو گناهہ آهي - ڇو جو توهان مان ڪي ڪن وٽ ضرورت ۾ اڪثر ايندا ويندا آهن. اهڙيءَ طرح الله پنهن جا حڪم کولي بيان ڪري ٿو ۽ الله وڏي علم وارو (۽) حڪمت وارو آهي.

وَاِذَا بَلَغَ الْاَطْفَالُ مِنْكُمُ الْحُلُمَ فَلْيَسْتَاْذِنُوْا كَمَا

٦٠- ۽ جڏهين توهانجا ٻار بلوغت کي پهچي وڃن تہ اهڙي طرح اجازت وٺندا ڪن جهڙيءَ

كَانُوْا مَعَهٗ عَلٰٓى اَمْرٍ جَامِعٍ لَّمْ يَذْهَبُوْا حَتّٰى يَسْتَاْذِنُوْهُ ؕ
اِنَّ الَّذِيْنَ يَسْتَاْذِنُوْنَكَ اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ يُؤْمِنُوْنَ
بِاللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ ۚ فَاِذَا اسْتَاْذَنُوْكَ لِبَعْضِ شَاْنِهِمْ
فَاْذَنْ لِّمَنْ شِئْتَ مِنْهُمْ وَاسْتَغْفِرْ لَهُمُ اللّٰهَ ؕ اِنَّ
اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿٦٢﴾

حقدار آهن جيڪي الله ۽ انجي رسول تي ايمان آڻين ٿا ۽ جڏهين ڪنهن قومي ڪم جي لاءِ انهيءَ رسول وٽ وينا هجن تہ اٿي نٿا وڃن جيستائين انهيءَ جي اجازت نہ وٺن. اهي ماڻهون جيڪي اجازت وٺي وڃن ٿا اهي ئي الله ۽ انجي رسول تي ايمان رکن ٿا. پوءِ جڏهين اهي پنهنجي ڪنهن ضروري ڪم جي لاءِ توکان اجازت وٺن تہ انهن مان جن لاءِ تون گهرين انهن کي اجازت ڏيئي ڇڏ ۽ الله کان انهن لاءِ بخشش گهر - ۽ الله يقينن ڏاڍو بخشڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي.

لَا تَجْعَلُوْا دُعَآءَ الرَّسُوْلِ بَيْنَكُمْ كَدُعَآءِ بَعْضِكُمْ بَعْضًا ؕ
قَدْ يَعْلَمُ اللّٰهُ الَّذِيْنَ يَتَسَلَّلُوْنَ مِنْكُمْ لِوَاذًا ۚ فَلْيَحْذَرِ
الَّذِيْنَ يُخَالِفُوْنَ عَنْ اَمْرِهٖٓ اَنْ تُصِيْبَهُمْ فِتْنَةٌ اَوْ
يُصِيْبَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿٦٣﴾

٦٤- (اي مومنوا) اهو نہ سمجهو تہ رسول جو توهان مان ڪنهن کي سڏڻ اهڙوئي آهي جهڙو توهان مان ڪن جو ڪن کي سڏڻ.الله انهن ماڻهن کي ڄاڻي ٿو جيڪي توهان مان کسڪي (مشوري جي مجلس مان) ڀڄي وڃن ٿا. پوءِ گهرجي تہ جيڪي انهيءَ (رسول) جي حڪم جي مخالفت ڪن ٿا انهيءَ کان ڊڄن، جو انهن کي خدا جي طرفان ڪا آفت نہ پهچي يا انهن کي دردناڪ عذاب نہ پهچي.

اَلَآ اِنَّ لِلّٰهِ مَا فِى السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ قَدْ يَعْلَمُ مَآ اَنْتُمْ
عَلَيْهِ ؕ وَيَوْمَ يُرْجَعُوْنَ اِلَيْهِ فَيُنَبِّئُهُمْ بِمَا عَمِلُوْا ؕ وَاللّٰهُ
بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمٌ ﴿٦٥﴾ ع ٩

٦٥- ٻڌو، جيڪي ڪجهہ آسمانن ۽ زمين ۾ آهي الله جوئي آهي. جنهن (جاءِ) تي توهان (بيٺا) آهيو انهيءَ کي الله ئي ڄاڻيٿو. ۽ جنهن ڏينهن اهي ماڻهو الله ڏانهن موٽايا ويندا تہ اهو انهن کي انهن جي عمل جو حال ٻڌائيندو ۽ الله هر شيءِ کي چڱيءَ طرح ڄاڻيٿو.

## سُوْرَةُ الْفُرْقَانِ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ مَعَ الْبَسْمَلَةِ ثَمَانٍ وَّسَبْعُوْنَ اٰيَةً وَّسِتَّةُ رُكُوْعَاتٍ

سورت فرقان ـ هيءَ سورت مکي آهي ۽ بسم الله سميت انهيءَ جون
انهتر آيتون ۽ ڇهہ رکوع آهن.

---

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۝١

١ـ (مان) الله جو نالو وٺي جيڪو بيحد
ڪرم ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ
وارو آهي (پڙهانٿو)

تَبٰرَكَ الَّذِيْ نَزَّلَ الْفُرْقَانَ عَلٰى عَبْدِهٖ لِيَكُوْنَ
لِلْعٰلَمِيْنَ نَذِيْرَا ۝٢

٢ـ اها ذات وڏي برڪت واري آهي جنهن
فرقان پنهنجي ٻانهي تي لاٿو آهي. انهيءَ
لاءِ تہ اهو سڀني جهانن جي لاءِ هوشيار
ڪرڻ وارو بڻجي.

اِلَّذِيْ لَهٗ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَلَمْ يَتَّخِذْ وَلَدًا
وَّلَمْ يَكُنْ لَّهٗ شَرِيْكٌ فِي الْمُلْكِ وَخَلَقَ كُلَّ شَيْءٍ فَقَدَّرَهٗ
تَقْدِيْرًا ۝٣

٣ـ اها (ذات) جنهن جي قبضي ۾ آسمانن ۽
زمين جي بادشاهت آهي ۽ جنهن ڪوبہ پٽ
نہ بڻايو ۽ جنهن جي بادشاهت ۾ ڪو بہ
شريڪ ڪونهي ۽ جنهن هر شئي کي پيدا
ڪيو آهي پوءِ انهيءَ جي لاءِ هڪ اندازو
مقرر ڪيو آهي.

وَاتَّخَذُوْا مِنْ دُوْنِهٖٓ اٰلِهَةً لَّا يَخْلُقُوْنَ شَيْئًا وَّهُمْ
يُخْلَقُوْنَ وَلَا يَمْلِكُوْنَ لِاَنْفُسِهِمْ ضَرًّا وَّلَا نَفْعًا
وَّلَا يَمْلِكُوْنَ مَوْتًا وَّلَا حَيٰوةً وَّلَا نُشُوْرًا ۝٤

٤ـ ۽ انهن ماڻهن هن (خدا) کانسواءِ معبود
بڻائي ڇڏيا آهن جيڪي ڪي (بہ) پيدا نٿا
ڪن حالانڪ اهي خود پيدا ڪيا وڃن ٿا ۽
جيڪي پنهن جي ذات لاءِ نہ ڪنهن نقصان
تي قادر آهن نہ نفعي تي ـ نہ موت جا
مالڪ آهن ۽ نہ زندگيءَ جا ۽ نہ وري جيئرو
ٿي اٿڻ جا.

وَقَالَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا اِنْ هٰذَآ اِلَّآ اِفْكُ ۨافْتَرٰىهُ وَ
اَعَانَهٗ عَلَيْهِ قَوْمٌ اٰخَرُوْنَ ۚ فَقَدْ جَآءُوْ ظُلْمًا وَّ
زُوْرًا ۝٥

معانقة عند المتأخرين

٥ـ ۽ ڪافر چون ٿا تہ هي تہ صرف هڪ
ڪوڙ آهي جو انهيءَ ٺاهيو آهي ۽ انهيءَ جي
ٺاهڻ تي هڪ ٻي قوم انهيءَ جي مدد ڪئي
آهي. پوءِ انهن ماڻهن (اها ڳالهہ چئي) ڏاڍو
وڏو ظلم ڪيو آهي ۽ تمام وڏو ڪوڙ ڳالهايو

ڪري.

بَلْ كَذَّبُوْا بِالسَّاعَةِ وَاَعْتَدْنَا لِمَنْ كَذَّبَ بِالسَّاعَةِ سَعِيْرًا ﴿١٢﴾

١٢- حق اهو آهي تہ هي ماڻهو قيامت جو انڪار ڪري رهيا آهن ۽ اسان انهيءَ لاءِ جيڪو قيامت جو منڪر هجي ڀڙڪڻ واري عذاب جو انتظام ڪري ڇڏيو آهي.

اِذَا رَاَتْهُمْ مِّنْ مَّكَانٍ بَعِيْدٍ سَمِعُوْا لَهَا تَغَيُّظًا وَّزَفِيْرًا ﴿١٣﴾

١٣- جڏهين اهو (يعني جهنم) انهن کي پري کان ڏسندو تہ اهي انهيءَ جي جوش جو ۽ (اچڻ واري) مصيبت جي آواز کي ٻڌندا.

وَاِذَآ اُلْقُوْا مِنْهَا مَكَانًا ضَيِّقًا مُّقَرَّنِيْنَ دَعَوْا هُنَالِكَ ثُبُوْرًا ﴿١٤﴾

١۴- ۽ جڏهين اهي انهيءَ (دوزخ) جي هڪ سوڙهي هنڌ ۾ مشڪون ٻڌل اڇلايا ويندا ۽ اهي انهيءَ وقت موت جي خواهش ڪندا.

لَا تَدْعُوا الْيَوْمَ ثُبُوْرًا وَّاحِدًا وَّادْعُوْا ثُبُوْرًا كَثِيْرًا ﴿١٥﴾

١٥- (تڏهين خدا جا فرشتا انهن کي چوندا) اڄ هڪڙي موت جي خواهش نہ ڪيو پر بار بار موت جي خواهش ڪيو (ڇو جو توهانتي بار بار عذاب اچڻ وارا آهن).

قُلْ اَذٰلِكَ خَيْرٌ اَمْ جَنَّةُ الْخُلْدِ الَّتِيْ وُعِدَ الْمُتَّقُوْنَ كَانَتْ لَهُمْ جَزَآءً وَّمَصِيْرًا ﴿١٦﴾

١٦- تون انهن کي چؤ تہ هيءَ (ٻچاڙي) بهتر آهي يا دائمي جنت، جنهن جو متقين سان واعدو ڪيو ويو آهي اها انهن جو (صحيح صحيح) بدلو ۽ آخري نڪاڻو هوندي.

لَهُمْ فِيْهَا مَا يَشَآءُوْنَ خٰلِدِيْنَ كَانَ عَلٰى رَبِّكَ وَعْدًا مَّسْئُوْلًا ﴿١٧﴾

١٧- انهن کي انهيءَ ۾ جيڪي ڪجهہ گهرندا ملندو، اهي انهيءَ ۾ هميشہ جي لاءِ رهندا ايندا هيءَ هڪ اهڙو واعدو آهي جنهن جو پورو ڪرڻ تنهن جي رب تي واجب آهي.

وَيَوْمَ يَحْشُرُهُمْ وَمَا يَعْبُدُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ فَيَقُوْلُ ءَاَنْتُمْ اَضْلَلْتُمْ عِبَادِيْ هٰٓؤُلَآءِ اَمْ هُمْ ضَلُّوا السَّبِيْلَ ﴿١٨﴾

١٨- ۽ جڏهين اهو انهن کي ۽ انهن جي ڪوڙن معبودن کي پنهنجي حضور ۾ ڪٺو ڪندو ۽ پوءِ انهن کي چوندو ڇا توهان منهن جن انهن ٻانهن کي گمراهہ ڪيو هو يا اهي پاڻ ئي سڌي رستي کان ڀٽڪي ويا هئا:

قَالُوْا سُبْحٰنَكَ مَا كَانَ يَنْۢبَغِيْ لَنَآ اَنْ نَّتَّخِذَ مِنْ

١٩- (تڏهين) اهي جواب ڏيندا تون پاڪ آهين

دُوْنِكَ مِنْ اَوْلِيَآءَ وَلٰكِنْ مَّتَّعْتَهُمْ وَاٰبَآءَهُمْ حَتّٰى نَسُوا الذِّكْرَ ۚ وَكَانُوْا قَوْمًۢا بُوْرًا ﴿١٩﴾

اسانکي کوبہ حق نہ هو جو اسان تو کانسواءِ ٻين ٻين هستين کي پنهنجو ڪارساز بنايون پر تو انهن ماڻهن کي ۽ انهن جي ابن ڏاڏن کي دنيوي ملڪيتون بخشيون. ايتري قدر جو انهن (تنهن جي) يادگيريءَ کي ترڪ ڪري ڇڏيو ۽ تباهہ ٿيڻ واري قوم بنجي ويا.

فَقَدْ كَذَّبُوْكُمْ بِمَا تَقُوْلُوْنَ ۙ فَمَا تَسْتَطِيْعُوْنَ صَرْفًا وَّلَا نَصْرًا ۚ وَمَنْ يَّظْلِمْ مِّنْكُمْ نُذِقْهُ عَذَابًا كَبِيْرًا ﴿٢٠﴾

٢٠. پوءِ (ڪافرن کي چيو ويندو تہ ڏسو) ڪوڙن معبودن توهانجي ڳالهين کي ڪوڙو ڪيو آهي. پوءِ اڄ توهان نہ تہ عذاب کي ٽاري سگهو ٿا. ۽ نہ ڪا مدد حاصل ڪري سگهو ٿا. ۽ جيڪو بہ توهان مان ظالم آهي اسان انهيءَ کي وڏو عذاب پهچائينداسين.

وَمَآ اَرْسَلْنَا قَبْلَكَ مِنَ الْمُرْسَلِيْنَ اِلَّآ اِنَّهُمْ لَيَاْكُلُوْنَ الطَّعَامَ وَيَمْشُوْنَ فِي الْاَسْوَاقِ ۭ وَجَعَلْنَا بَعْضَكُمْ لِبَعْضٍ فِتْنَةً ۭ اَتَصْبِرُوْنَ ۚ وَكَانَ رَبُّكَ بَصِيْرًا ﴿٢١﴾

٢١. ۽ توکان پهرين اسان جيترا بہ رسول موڪليا هئا، اهي سڀئي کاڌو کائيندا هئا ۽ بازارن ۾ هلندا هئا. ۽ اسان توهان مان ڪن کي ڪن جي آزمائش جو ذريعو بنايو آهي (هيءَ ڏسڻ لاءِ) تہ ڇا توهان (مسلمان) صبر ڪيو ٿا (يا نہ) ۽ (اي مسلمان) تنهن جو رب (حالتن کي) چڱيءَ طرح ڏسڻ وارو آهي.

وَقَالَ الَّذِيْنَ لَا يَرْجُوْنَ لِقَآءَنَا لَوْلَآ اُنْزِلَ عَلَيْنَا الْمَلٰٓئِكَةُ اَوْ نَرٰى رَبَّنَا ۭ لَقَدِ اسْتَكْبَرُوْا فِيْٓ اَنْفُسِهِمْ وَعَتَوْ عُتُوًّا كَبِيْرًا ﴿٢٢﴾

٢٢. ۽ اهي جيڪي اسانجي ملاقات جي اميد نہ ٿا ڪن چيو تہ ڇو اسان تي فرشتا نہ لاٿا ويا؟ يا اسين رب کي پنهنجي اکين سان نہ ٿا ڏسون؟ هنن پنهنجي دلين ۾ پنهنجو پاڻ کي وڏو سمجهيو آهي ۽ سرڪشي ۾ اڳتي نڪري ويا آهن.

يَوْمَ يَرَوْنَ الْمَلٰٓئِكَةَ لَا بُشْرٰى يَوْمَئِذٍ لِّلْمُجْرِمِيْنَ

٢٣. (ڇا اهي ماڻهو نہ ٿا ڄاڻن تہ) جنهن ڏينهن فرشتن کي ڏسندا انهيءَ ڏينهن ڏوهارين

وَيَقُوْلُوْنَ حِجْرًا مَّحْجُوْرًا ﴿٢٣﴾

ڪي ڪابہ خوشخبري نہ ملندي ۽ (اهي گهبرائجي) چوندا (اسان ڪان) پري رهو.

وَقَدِمْنَآ اِلٰى مَا عَمِلُوْا مِنْ عَمَلٍ فَجَعَلْنٰهُ هَبَآءً مَّنْثُوْرًا ﴿٢٤﴾

٢٤۔ ۽ اسان انهن جي هر ڪنهن قسم جي عمل ڏانهن ڌيان ڏنو جو انهن ڪيو هو ۽ انهيءَ کي هوا ۾ پکيڙي اڏايل ذرن وانگر ڪري ڇڏيو.

اَصْحٰبُ الْجَنَّةِ يَوْمَئِذٍ خَيْرٌ مُّسْتَقَرًّا وَّاَحْسَنُ مَقِيْلًا ﴿٢٥﴾

٢٥۔ جنتي ماڻهو، انهيءَ ڏينهن ٺڪاڻي جي لحاظ کان بہ سٺا هوندا ۽ آرام جي جاءِ جي لحاظ کان بہ اهي اعليٰ درجي تي هوندا.

وَيَوْمَ تَشَقَّقُ السَّمَآءُ بِالْغَمَامِ وَنُزِّلَ الْمَلٰٓئِكَةُ تَنْزِيْلًا ﴿٢٦﴾

٢٦۔ ۽ انهيءَ ڏينهن (کي ياد ڪيو) جڏهن آسمان ڦاٽي پوندو ۽ ڪڪر مٿان ڦري رهيا هوندا ۽ فرشتا لڳاتار لاٿا ويندا.

اَلْمُلْكُ يَوْمَئِذِ ِالْحَقُّ لِلرَّحْمٰنِ ؕ وَكَانَ يَوْمًا عَلَى الْكٰفِرِيْنَ عَسِيْرًا ﴿٢٧﴾

٢٧۔ انهيءَ ڏينهن بادشاهي سچ پچ رحمان (خدا) جي قبضي ۾ نظر ايندي ۽ (اهو) ڏينهن ڪافرن تي ڏاڍو سخت هوندو.

وَيَوْمَ يَعَضُّ الظَّالِمُ عَلٰى يَدَيْهِ يَقُوْلُ يٰلَيْتَنِى اتَّخَذْتُ مَعَ الرَّسُوْلِ سَبِيْلًا ﴿٢٨﴾

٢٨۔ ۽ انهيءَ ڏينهن ظالم پنهنجا هٿ چٻيندو (۽) چوندو جيڪر مان رسول سان گڏ هلان ها.

يٰوَيْلَتٰى لَيْتَنِىْ لَمْ اَتَّخِذْ فُلَانًا خَلِيْلًا ﴿٢٩﴾

٢٩۔ هاءِ ڪمبختي! جيڪر! مان فلاڻي شخص کي دوست نہ بڻايان ها.

لَقَدْ اَضَلَّنِىْ عَنِ الذِّكْرِ بَعْدَ اِذْ جَآءَنِىْ ؕ وَكَانَ الشَّيْطٰنُ لِلْاِنْسَانِ خَذُوْلًا ﴿٣٠﴾

٣٠۔ انهيءَ مونکي خدا جي ذڪر کان غافل ڪري ڇڏيو جڏهن هو (رسول جي ذريعي سان) مون وٽ آيو هو. ۽ شيطان آخر انسان کي اڪيلو ڇڏي وڃي ٿو.

وَقَالَ الرَّسُوْلُ يٰرَبِّ اِنَّ قَوْمِى اتَّخَذُوْا هٰذَا الْقُرْاٰنَ مَهْجُوْرًا ﴿٣١﴾

٣١۔ ۽ رسول چيو، اي منهنجا رب! منهنجي قوم تہ هن قرآن کي پٺيان اڇلائي ڇڏيو آهي.

وَكَذٰلِكَ جَعَلْنَا لِكُلِّ نَبِىٍّ عَدُوًّا مِّنَ الْمُجْرِمِيْنَ ؕ وَكَفٰى بِرَبِّكَ هَادِيًا وَّنَصِيْرًا ﴿٣٢﴾

٣٢۔ ۽ اسان اهڙيءَ ريت ڏوهارين مان سڀني نبين جا دشمن بڻايا آهن. ۽ تنهن جو رب هدايت ڏيڻ ۽ مدد ڪرڻ جي لحاظ کان

(بلڪل) ڪافي آهي.

وَقَالَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَوْلَا نُزِّلَ عَلَيْهِ الْقُرْاٰنُ جُمْلَةً وَّاحِدَةً ۚ كَذٰلِكَ ۚ لِنُثَبِّتَ بِهٖ فُؤَادَكَ وَرَتَّلْنٰهُ تَرْتِيْلًا ﴿٣٢﴾

٣٣. ۽ ڪافرن چيو ته نه قرآن انهيءَ (نبيءَ) تي هڪ ئي دفعو نازل ڪيو ويو. انهن جو چوڻ به هڪ طرح ٺيڪ آهي (پر اسان انکي مختلف سورتن ۽ وقتن ۾) انهيءَ ڪري لاٿو جو اسان هن (قرآن) جي ذريعي تنهن جي دل کي مضبوط ڪندا رهون ۽ اسان انهيءَ کي نهايت عمدو ناهيو آهي.

وَلَا يَاْتُوْنَكَ بِمَثَلٍ اِلَّا جِئْنٰكَ بِالْحَقِّ وَاَحْسَنَ تَفْسِيْرًا ﴿٣٣﴾

٣٤. ۽ (پنهن جي ترديد جي لاءِ) اهي ڪابه ڳالهه نٿا چون جو اسان انهيءَ جي جواب ۾ هڪ پختي ڳالهه بيان نٿا ڪريون ۽ انهيءَ جو سٺي ۾ سٺو سبب بيان نٿا ڪريون.

اَلَّذِيْنَ يُحْشَرُوْنَ عَلٰى وُجُوْهِهِمْ اِلٰى جَهَنَّمَ ۙ اُولٰٓئِكَ شَرٌّ مَّكَانًا وَّاَضَلُّ سَبِيْلًا ﴿٣٤﴾ ع ٣

٣٥. جيڪي ماڻهو پنهن جن سردارن سميت جهنم ڏانهن نيا ويندا انهن جي جاءِ ڏاڍو بري هوندي ۽ انهن جو رستو ڏاڍو گمراهيءَ جو هوندو.

وَلَقَدْ اٰتَيْنَا مُوْسَى الْكِتٰبَ وَجَعَلْنَا مَعَهٗٓ اَخَاهُ هٰرُوْنَ وَزِيْرًا ﴿٣٥﴾

٣٦. ۽ اسان موسيٰ کي هڪ (معلوم) ڪتاب ڏنو ۽ اسان انهيءَ سان سندس ڀاءُ هارون کي به نائب بنائي موڪليو هو.

فَقُلْنَا اذْهَبَآ اِلَى الْقَوْمِ الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا ۭ فَدَمَّرْنٰهُمْ تَدْمِيْرًا ﴿٣٦﴾

٣٧. ۽ اسان انهن کي چيو هو ته توهان ٻئي انهيءَ قوم ڏانهن وڃو جن اساڃي آيتن جو انڪار ڪيو آهي پوءِ (جڏهين اهي تبليغ ڪري چڪا) اسان انهن ڪوڙو ڪرڻ وارن کي بلڪل تباهه ڪري ڇڏيو.

وَقَوْمَ نُوْحٍ لَّمَّا كَذَّبُوا الرُّسُلَ اَغْرَقْنٰهُمْ وَجَعَلْنٰهُمْ لِلنَّاسِ اٰيَةً ۭ وَاَعْتَدْنَا لِلظّٰلِمِيْنَ عَذَابًا اَلِيْمًا ﴿٣٧﴾

٣٨. نوح جي قوم کي به جڏهين انهن رسولن جو انڪار ڪيو اسان غرق ڪري ڇڏيو ۽ اسان انهن کي ماڻهن لاءِ هڪ نشان بنايو ۽ اسان ظالمن جي لاءِ دردناڪ عذاب تيار ڪري ڇڏيو آهي.

وَّعَادًا وَّثَمُوْدَا۟ وَاَصْحٰبَ الرَّسِّ وَقُرُوْنًۢا بَيْنَ ذٰلِكَ

٣٩. ۽ عاد کي به ۽ ثمود کي به ۽ کوهه

كَثِيرًا ۝٣٩

وارن ماڻهن کي بہ ۽ انهن جي وچ ۾ ڪيترن ئي قومن کي بہ (اسان تباهہ ڪري ڇڏيو).

وَكُلًّا ضَرَبْنَا لَهُ الْأَمْثَالَ ۖ وَكُلًّا تَبَّرْنَا تَتْبِيرًا ۝٤٠

٤٠- ۽ انهن مان هر هڪ قوم جي لاءِ اسان حقيقت بيان ڪري ڇڏي. ۽ (جڏهين نہ سمجهيا تہ) سڀني کي تباهہ ڪري ڇڏيو.

وَلَقَدْ أَتَوْا عَلَى الْقَرْيَةِ الَّتِي أُمْطِرَتْ مَطَرَ السَّوْءِ ۚ أَفَلَمْ يَكُونُوا يَرَوْنَهَا ۚ بَلْ كَانُوا لَا يَرْجُونَ نُشُورًا ۝٤١

٤١- ۽ هي (مڪي جا ڪافر) انهيءَ ڳوٺ جي پرسان لنگهي چڪا آهن جنهن تي اسان هڪ تڪليف ڏيندڙ بارش نازل ڪئي هئي. ڇا اهي انهيءَ (ڳوٺ جي نشانن) کي نٿا ڏسن حقيقت هيءَ آهي تہ اهي ٻيهر اٿڻ جي اميد ئي نہ رکندا هئا.

وَإِذَا رَأَوْكَ إِن يَتَّخِذُونَكَ إِلَّا هُزُوًا أَهَٰذَا الَّذِي بَعَثَ اللَّهُ رَسُولًا ۝٤٢

٤٢- ۽ جڏهين اهي توکي ڏسن ٿا تہ توکي صرف هڪ کل مسخري جي شيءِ سمجهن ٿا (۽ چون ٿا) ڇا الله هن شخص کي رسول بڻائي موڪليو آهي.

إِن كَادَ لَيُضِلُّنَا عَنْ آلِهَتِنَا لَوْلَا أَن صَبَرْنَا عَلَيْهَا ۚ وَسَوْفَ يَعْلَمُونَ حِينَ يَرَوْنَ الْعَذَابَ مَنْ أَضَلُّ سَبِيلًا ۝٤٣

٤٣- جيڪڏهين اسان پنهن جن معبودن تي قائم نہ رهون ها تہ هيءَ (شخص) تہ اسانکي انهن کان گمراهہ ڪرڻ لڳو هو. ۽ جڏهين اهي عذاب کي ڏسندا تہ انهن کي ضرور حقيقت معلوم ٿي ويندي تہ ڪير پنهن جي هلت چلت ۾ وڌيڪ گمراهہ هو.

أَرَأَيْتَ مَنِ اتَّخَذَ إِلَٰهَهُ هَوَاهُ أَفَأَنتَ تَكُونُ عَلَيْهِ وَكِيلًا ۝٤٤

٤٤- (اي رسول!) ڇا تو انهيءَ شخص جو حال بہ معلوم ڪيو جنهن پنهن جي نفسياتي خواهشن کي معبود بڻايو. ڇا تون انهيءَ شخص تي نگران آهين (تہ تون انهيءَ کي زبردستيءَ گمراهيءَ کان نہ روڪين).

أَمْ تَحْسَبُ أَنَّ أَكْثَرَهُمْ يَسْمَعُونَ أَوْ يَعْقِلُونَ ۚ إِنْ هُمْ إِلَّا كَالْأَنْعَامِ ۖ بَلْ هُمْ أَضَلُّ سَبِيلًا ۝٤٥ ع

٤٥- ڇا تون سمجهين ٿو تہ انهن مان اڪثر ٻڌن يا سمجهن ٿا؟ اهي تہ فقط جانورن وانگر آهن. پر چال جي لحاظ کان انهن کان

بـہ بدتر.

اَلَمْ تَرَ اِلٰى رَبِّكَ كَيْفَ مَدَّ الظِّلَّ ۚ وَلَوْ شَآءَ لَجَعَلَهٗ سَاكِنًا ۚ ثُمَّ جَعَلْنَا الشَّمْسَ عَلَيْهِ دَلِيْلًا ۙ﴿٤٥﴾

٤٦. (اي قرآن جا مخاطب) ڇا توکي معلوم ڪونهي تہ تنهن جي رب ڪهڙيءَ طرح پاڇي کي ڊگهو ڪيو آهي. ۽ جيڪڏهن اهو چاهي تہ انهيءَ کي هڪ جڳهہ تي بيٺل بنائي ڇڏي ها پوءِ اسان سج کي انهيءَ تي هڪ شاهد بنائي ڇڏيو.

ثُمَّ قَبَضْنٰهُ اِلَيْنَا قَبْضًا يَّسِيْرًا ﴿٤٦﴾

٤٧. پوءِ اسان انهيءَ کي آهستي آهستي پنهن جي طرف ڇڪڻ شروع ڪيون ٿا.

وَهُوَ الَّذِيْ جَعَلَ لَكُمُ الَّيْلَ لِبَاسًا وَّالنَّوْمَ سُبَاتًا وَّجَعَلَ النَّهَارَ نُشُوْرًا ﴿٤٧﴾

٤٨. ۽ اهوئي (خدا) آهي جنهن رات کي توهان لاءِ لباس بنايو ۽ ننڊ کي آرام جو سبب، ۽ ڏينهن کي وڌڻ ۽ ترقيءَ جو ذريعو.

وَهُوَ الَّذِيْٓ اَرْسَلَ الرِّيٰحَ بُشْرًاۢ بَيْنَ يَدَيْ رَحْمَتِهٖ ۚ وَاَنْزَلْنَا مِنَ السَّمَآءِ مَآءً طَهُوْرًا ۙ﴿٤٨﴾

٤٩. ۽ اهو (خدا) ئي آهي جنهن هوائن کي پنهنجي رحمت سان پهرين بشارت ڏيڻ جي لاءِ موڪليو ۽ اسان ڪڪر مان پاڪ (۽ صاف) پاڻي وسايو آهي.

لِّنُحْيِۦَ بِهٖ بَلْدَةً مَّيْتًا وَّنُسْقِيَهٗ مِمَّا خَلَقْنَآ اَنْعَامًا وَّاَنَاسِيَّ كَثِيْرًا ﴿٤٩﴾

٥٠. انهيءَ لاءِ تہ انهيءَ جي وسيلي مردهہ ملڪ کي زنده ڪيون ۽ اهڙيءَ طرح انهيءَ (پاڻيءَ) سان پنهن جي پيدا ڪيل چوپاين ۽ ڪيترن ئي انسانن کي پاڻي ڏيون.

وَلَقَدْ صَرَّفْنٰهُ بَيْنَهُمْ لِيَذَّكَّرُوْا ۖ فَاَبٰٓى اَكْثَرُ النَّاسِ اِلَّا كُفُوْرًا ﴿٥٠﴾

٥١. ۽ اسان هن (پاڻيءَ) کي انهن (انسانن) ۾ چڱيءَ طرح ڀکيڙي ڇڏيو انهيءَ لاءِ تہ اهي نصيحت حاصل ڪن پر ماڻهن مان اڪثر ماڻهو ڪفر ڪانسواءِ ڪنهن ڳالهہ تي راضي نٿا ٿين.

وَلَوْ شِئْنَا لَبَعَثْنَا فِيْ كُلِّ قَرْيَةٍ نَّذِيْرًا ﴿٥١﴾

٥٢. ۽ جيڪڏهن اسان گهرون ها تہ هر ڳوٺ ۾ هڪ هوشيار ڪرڻ وارو (نبي يامامور) موڪلي ڏيون ها.

فَلَا تُطِعِ الْكٰفِرِيْنَ وَجَاهِدْهُمْ بِهٖ جِهَادًا كَبِيْرًا ﴿٥٢﴾

٥٣. پوءِ تون ڪافرن جي ڳالهہ نہ مڃ ۽ هن (قرآن) جي وسيلي انهن سان وڏو جهاد ڪر.

وَهُوَ الَّذِیْ مَرَجَ الْبَحْرَیْنِ هٰذَا عَذْبٌ فُرَاتٌ وَّ هٰذَا مِلْحٌ اُجَاجٌ ۚ وَجَعَلَ بَیْنَهُمَا بَرْزَخًا وَّحِجْرًا مَّحْجُوْرًا ﴿۵۳﴾

۵۴- ۽ اهو ئي آهي جنهن ٻن سمنڊن کي وهايو آهي جن مان هڪ تہ ڏاڍو مٺو آهي ۽ ٻيو لوڻائيو (۽) ڪڙو آهي ۽ انهيءَ (الله) انهن ٻنهي جي وچ ۾ هڪ روڪ بنائي ڇڏي آهي ۽ اهڙو سامان بنايو آهي جو اهي هڪ ٻئي کي پري رکن ٿا ، ملڻ نٿا ڏين.

وَهُوَ الَّذِیْ خَلَقَ مِنَ الْمَآءِ بَشَرًا فَجَعَلَهٗ نَسَبًا وَّ صِهْرًا ؕ وَ كَانَ رَبُّكَ قَدِیْرًا ﴿۵۴﴾

۵۵- ۽ اهو (خدا) ئي آهي جنهن پاڻيءَ مان انسان بنايو، پوءِ انهيءَ کي ڪڏهين تہ پيڙهي بنايو آهي (يعني اباڻو شجرو) ۽ ڪڏهين صهر بنايو آهي (يعني ساهراڻو شجرو) ۽ تنهن جو رب هر شئي تي قادر آهي.

وَ یَعْبُدُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ مَا لَا یَنْفَعُهُمْ وَ لَا یَضُرُّهُمْ ؕ وَ كَانَ الْكَافِرُ عَلٰی رَبِّهٖ ظَهِیْرًا ﴿۵۵﴾

۵۶- ۽ اهي (ڪافر) الله کانسواءِ انهن جي عبادت ڪن ٿا جيڪي نہ انهن کي نفعو ڏيئي سگهن ٿا ۽ نہ تڪليف ڏيئي سگهن ٿا ۽ ڪافر هميشه پنهن جي رب جي (جاري ڪيل سلسلن جي) خلاف هوندو آهي.

وَ مَاۤ اَرْسَلْنٰكَ اِلَّا مُبَشِّرًا وَّ نَذِیْرًا ﴿۵۶﴾

۵۷- ۽ اسان تہ توکي صرف خوشخبري ڏيڻ وارو ۽ هوشيار ڪرڻ وارو بنايو آهي.

قُلْ مَاۤ اَسْـَٔلُكُمْ عَلَیْهِ مِنْ اَجْرٍ اِلَّا مَنْ شَآءَ اَنْ یَّتَّخِذَ اِلٰی رَبِّهٖ سَبِیْلًا ﴿۵۷﴾

۵۸- تون انهن کي چؤ تہ مان توهان کان انهي (يعني خدا جي پيغام جي پهچائڻ) جو ڪوبہ اجورو نٿو گهران . ها جيڪڏهن ڪو شخص پنهنجي مرضيءَ سان گهري تہ پنهنجي رب ڏانهن وڃڻ واري واٽ کي اختيار ڪري (اهوئي منهنجو بدلو هوندو).

وَ تَوَكَّلْ عَلَی الْحَیِّ الَّذِیْ لَا یَمُوْتُ وَ سَبِّحْ بِحَمْدِهٖ ؕ وَ كَفٰی بِهٖ بِذُنُوْبِ عِبَادِهٖ خَبِیْرًا ﴿۵۸﴾

۵۹- ۽ تون انهيءَ تي توڪل ڪر جيڪو زنده آهي (۽ سڀني کي زنده رکيٿو) ڪڏهين نٿو مري ۽ انهيءَ جي تعريف سان گڏوگڏ انهيءَ جي تسبيح ڪر ۽ اهو پنهنجن ٻانهن جي گناهن کان چڱيءَ ريت واقف آهي.

اِلَّذِیْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ وَمَا بَیْنَهُمَا فِیْ سِتَّةِ
اَیَّامٍ ثُمَّ اسْتَوٰی عَلَی الْعَرْشِ ۚۛ اَلرَّحْمٰنُ فَسْـَٔلْ بِهٖ
خَبِیْرًا ﴿٦٠﴾

٦٠- اهو (خدا) جنهن آسمانن ۽ زمين ۽ جيڪي ڪي انهن جي وچ ۾ آهي انهن سڀني کي ڇهن وقتن ۾ پيدا ڪيو آهي پوءِ اهو مضبوطيءَ سان عرش تي قائم ٿي ويو اهو رحمان آهي. پوءِ جڏهين بہ (اي انسان) تون انهيءَ جي متعلق ڪوبہ سوال پڇين تہ خبر ڏيڻ واري کان سوال پڇ جيڪو گهڻو خبردار آهي (۽ صحيح صحيح جواب ڏيئي سگهيٿو).

وَاِذَا قِیْلَ لَهُمُ اسْجُدُوْا لِلرَّحْمٰنِ قَالُوْا وَمَا الرَّحْمٰنُ ۗ
اَنَسْجُدُ لِمَا تَاْمُرُنَا وَزَادَهُمْ نُفُوْرًا ۩ ﴿٦١﴾ السجدة

٦١- ۽ جڏهين انهن کي چيو وڃيٿو تہ رحمان جي اڳيان سجدي ۾ ڪري پئو تہ چون ٿا رحمان ڪهڙي شئي آهي؟ ڇا اسان انهيءَ جي اڳيان سجدو ڪيون جنهن (جي اڳيان سجدي ڪرڻ) جو تون حڪم ڏين ٿو ۽ هيءَ ڳالهہ انهن کي نفرت ۾ اڃا بہ وڌائي ڇڏي ٿي.

تَبٰرَكَ الَّذِیْ جَعَلَ فِی السَّمَآءِ بُرُوْجًا وَّجَعَلَ فِیْهَا
سِرٰجًا وَّقَمَرًا مُّنِیْرًا ﴿٦٢﴾

٦٢- برڪت واري آهي اها هستي جنهن آسمان ۾ تارن جي بيهڪ جون جايون ناهيون آهن ۽ انهيءَ ۾ چمڪندڙ ڏيو بنايو آهي ۽ روشن چنڊ بنايو آهي.

وَهُوَ الَّذِیْ جَعَلَ الَّیْلَ وَالنَّهَارَ خِلْفَةً لِّمَنْ اَرَادَ
اَنْ یَّذَّكَّرَ اَوْ اَرَادَ شُكُوْرًا ﴿٦٣﴾

٦٣- اهوئي اُهي جنهن رات کي ۽ ڏينهن کي هڪ ٻئي پٺيان اچڻ وارو بنايو آهي انهيءَ شخص جي (فائدي جي) لاءِ جيڪو نصيحت حاصل ڪرڻ چاهي يا شڪرگذار ٻانهو بنجڻ چاهي.

وَعِبَادُ الرَّحْمٰنِ الَّذِیْنَ یَمْشُوْنَ عَلَی الْاَرْضِ هَوْنًا
وَّاِذَا خَاطَبَهُمُ الْجٰهِلُوْنَ قَالُوْا سَلٰمًا ﴿٦٤﴾

٦٤- ۽ رحمان جا (سچا) ٻانها اهي هوندا آهن جيڪي زمين تي آرام سان هلن ٿا ۽ جڏهين جاهل ماڻهو انهن سان مخاطب ٿين ٿا تہ اهي (وڙهندا نہ آهن پر) چوندا آهن تہ اسان تہ توهان لاءِ سلامتيءَ جي دعا ڪيون ٿا.

وَالَّذِينَ يَبِيتُونَ لِرَبِّهِمْ سُجَّدًا وَقِيَامًا ﴿٦٥﴾

٦٥- ۽ اهي ماڻهو بہ جيڪي پنهن جي رب جي لاءِ راتيون سجدن ۾ ۽ بيهي گذارين ٿا.

وَالَّذِينَ يَقُولُونَ رَبَّنَا اصْرِفْ عَنَّا عَذَابَ جَهَنَّمَ ۖ إِنَّ عَذَابَهَا كَانَ غَرَامًا ﴿٦٦﴾

٦٦- ۽ اهي (رحمان جا ٻانها ) چون ٿا, اي اسانجا رب ! اسان کان جهنم جو عذاب ٽاري ڇڏ. انهيءَ جو عذاب هڪ تمام وڏي تباهي آهي.

إِنَّهَا سَاءَتْ مُسْتَقَرًّا وَمُقَامًا ﴿٦٧﴾

٦٧- اهو (دوزخ) عارضي ٺڪاڻي طور بہ برو آهي ۽ دائمي ٺڪاڻي طور بہ (برو آهي).

وَالَّذِينَ إِذَا أَنْفَقُوا لَمْ يُسْرِفُوا وَلَمْ يَقْتُرُوا وَكَانَ بَيْنَ ذَٰلِكَ قَوَامًا ﴿٦٨﴾

٦٨- ۽ اهي (الله جا ٻانها ) اهڙا هوندا آهن جو جڏهن خرچ ڪندا آهن تہ فضول خرچيءَ کان ڪم نہ وٺندا آهن ۽ نہ ڪنجوسي ڪندا آهن ۽ انهن جو (خرچ) انهن ٻنهي حالتن جي وچٿرو هوندو آهي.

وَالَّذِينَ لَا يَدْعُونَ مَعَ اللَّهِ إِلَٰهًا آخَرَ وَلَا يَقْتُلُونَ النَّفْسَ الَّتِي حَرَّمَ اللَّهُ إِلَّا بِالْحَقِّ وَلَا يَزْنُونَ ۚ وَمَنْ يَفْعَلْ ذَٰلِكَ يَلْقَ أَثَامًا ﴿٦٩﴾

٦٩- ۽ اهي ماڻهو اهڙا هوندا آهن جو الله کانسواءِ ڪنهن ٻئي معبود کي نہ پڪاريندا آهن ۽ نہ ڪنهن جان کي جنهن کي الله حفاظت بخشي هجي قتل ڪندا آهن سواءِ (شرعي) حق جي ۽ نہ زنا ڪن ٿا ۽ جيڪو بہ اهڙو ڪم ڪندو اهو پنهن جي گناهہ جي جزا ڏسندو.

يُضَاعَفْ لَهُ الْعَذَابُ يَوْمَ الْقِيَامَةِ وَيَخْلُدْ فِيهِ مُهَانًا ﴿٧٠﴾

٧٠- قيامت جي ڏينهن انهيءَ لاءِ عذاب وڌيڪ ڪيو ويندو ۽ اهو انهيءَ ۾ خواريءَ سان رهندو ايندو.

إِلَّا مَنْ تَابَ وَآمَنَ وَعَمِلَ عَمَلًا صَالِحًا فَأُولَٰئِكَ يُبَدِّلُ اللَّهُ سَيِّئَاتِهِمْ حَسَنَاتٍ ۗ وَكَانَ اللَّهُ غَفُورًا رَحِيمًا ﴿٧١﴾

٧١- سواءِ انهيءَ جي جنهن توبهہ ڪئي ۽ ايمان آندو ۽ ايمان جي مطابق عمل ڪيا پوءِ اهي ماڻهو اهڙا هوندا جو الله انهن جي بدين کي نيڪين سان مٽائي ڇڏيندو ۽ الله وڏو بخشڻ وارو مهربان آهي.

وَمَنْ تَابَ وَعَمِلَ صَالِحًا فَإِنَّهُ يَتُوبُ إِلَى اللَّهِ

٧٢- ۽ جيڪو توبهہ ڪري ۽ انهيءَ جي مطابق عمل ڪري, تہ اهو شخص حقيقي

مَتَابًا ﴿٧١﴾

طور تي الله جي طرف جهڪي ٿو.

وَالَّذِيْنَ لَا يَشْهَدُوْنَ الزُّوْرَ ۙ وَإِذَا مَرُّوْا بِاللَّغْوِ مَرُّوْا كِرَامًا ﴿٧٢﴾

٧٣ ۽ (اهي ماڻهو بہ الله جا ٻانها آهن) جيڪي ڪوڙيون شاهديون نٿا ڏين ۽ جڏهين بيهوده ڳالهين جي پر سان لنگهن ٿا تہ ڀلارن وانگر (انهن ۾ شامل ٿيڻ بنان) لنگهي وڃن ٿا.

وَالَّذِيْنَ إِذَا ذُكِّرُوْا بِاٰيٰتِ رَبِّهِمْ لَمْ يَخِرُّوْا عَلَيْهَا صُمًّا وَّعُمْيَانًا ﴿٧٣﴾

٧٤ ۽ اهي ماڻهو بہ جو انهن جي رب جون آيتون جڏهين انهن کي ياد ڏياريون وڃن تہ انهن سان ٻوڙن ۽ انڌن وارو معاملو نٿا ڪن.

وَالَّذِيْنَ يَقُوْلُوْنَ رَبَّنَا هَبْ لَنَا مِنْ أَزْوَاجِنَا وَذُرِّيّٰتِنَا قُرَّةَ أَعْيُنٍ وَّاجْعَلْنَا لِلْمُتَّقِيْنَ إِمَامًا ﴿٧٤﴾

٧٥ ۽ اهي ماڻهو بہ (رحمان جا ٻانها آهن) جيڪي هي چوندا رهن ٿا تہ اي اسانجا رب! اسانکي پنهنجن زالن جي طرفان ۽ اولاد جي طرفان اکين جو ٺار بخش ۽ اسانکي متقين جو امام بناءِ.

أُولٰٓئِكَ يُجْزَوْنَ الْغُرْفَةَ بِمَا صَبَرُوْا وَيُلَقَّوْنَ فِيْهَا تَحِيَّةً وَّسَلٰمًا ﴿٧٥﴾

٧٦ هي اهي ماڻهو آهن جن کي انهن جي نيڪين تي قائم رهڻ جي ڪري (بهشت ۾) مٿاهيون جڳهيون ڏنيون وينديون ۽ انهن کي انهن ۾ دعائون ڏنيون وينديون ۽ سلامتيءَ جا سنيها پهچايا ويندا.

خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ۭ حَسُنَتْ مُسْتَقَرًّا وَّمُقَامًا ﴿٧٦﴾

٧٧ اهي انهيءَ ۾ رهندا ايندا. اها (جنت) ٿوري وقت لاءِ آرام جي جاءِ طور تي بہ ڏاڍي سٺي آهي ۽ هميشه آرام جي جاءِ طور تي بہ (ڏاڍي سٺي آهي).

قُلْ مَا يَعْبَؤُا بِكُمْ رَبِّيْ لَوْلَا دُعَاۗؤُكُمْ ۚ فَقَدْ كَذَّبْتُمْ فَسَوْفَ يَكُوْنُ لِزَامًا ﴿٧٧﴾ ع

٧٨ (اي رسول!) تون انهن کي چؤ تہ منهنجو رب توهانجي پرواهہ ٿي ڪهڙي ڪريٿو جيڪڏهن توهان جي طرفان دعا ۽ (توبهہ) نہ هجي پوءِ جڏهين تہ توهان (الاهي پيغام کي) ڪوڙو ڪيو تہ (هاڻي) انهيءَ جو عذاب (توهان سان) چمبڙيو هليو ويندو.

## سُوْرَةُ الشُّعَرَآءِ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ مَعَ الْبَسْمَلَةِ مِائَتَانِ وَثَمَانٍ وَّعِشْرُوْنَ اٰيَةً وَّاِحْدَى عَشَرَ رُكُوْعًا

**سورت شعراء ـ هي سورت مڪي آهي ۽ بسم الله سميت هن جون ٻه سؤ اٺاويهه آيتون ۽ يارنهن رڪوع آهن.**

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ①

١ـ (مان) الله جو نالو وٺي شروع ڪريان ٿو جيڪو بيحد ڪرم ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي (پڙهاڻو)

منزل ٥

طٰسٓمّٓ ②

٢ـ طاهر (۽) سميع (۽) مجيد (خدا هن سورت جي نازل ڪرڻ وارو آهي).

تِلْكَ اٰيٰتُ الْكِتٰبِ الْمُبِيْنِ ③

٣ـ هي آيتون انهيءَ ڪتاب جون آهن جيڪو (پنهن جي مضمونن کي) کولي بيان ڪريٿو.

لَعَلَّكَ بَاخِعٌ نَّفْسَكَ اَلَّا يَكُوْنُوْا مُؤْمِنِيْنَ ④

٤ـ شايد تون پنهن جي جان کي تباهيءَ ۾ وجهندين ته اهي ڇو نه ٿا مومن ٿين.

اِنْ نَّشَاْ نُنَزِّلْ عَلَيْهِمْ مِّنَ السَّمَآءِ اٰيَةً فَظَلَّتْ اَعْنَاقُهُمْ لَهَا خٰضِعِيْنَ ⑤

٥ـ جيڪڏهن اسان چاهيون ته آسمانن مان انهن تي هڪ اهڙو نشان لاهيون جو انهيءَ جي اڳيان انهن جون گردنون جهڪيل ئي رهجي وڃن.

وَمَا يَاْتِيْهِمْ مِّنْ ذِكْرٍ مِّنَ الرَّحْمٰنِ مُحْدَثٍ اِلَّا كَانُوْا عَنْهُ مُعْرِضِيْنَ ⑥

٦ـ ۽ رحمان جي طرفان ڪڏهن ڪو نئون ذڪر نٿو اچي جو جنهن کان ماڻهو منهن نه موڙيندا هجن.

فَقَدْ كَذَّبُوْا فَسَيَاْتِيْهِمْ اَنْۢبٰٓؤُا مَا كَانُوْا بِهٖ يَسْتَهْزِءُوْنَ ⑦

٧ـ سو (جيئن ته) انهن (خدا تعاليٰ جي آيتن کي) ڪوڙو ڪيو آهي انهيءَ جي نتيجي ۾ انهن جي ٺٺوليءَ جي حقيقت ضرور انهن تي کلي پوندي.

اَوَلَمْ يَرَوْا اِلَى الْاَرْضِ كَمْ اَنْۢبَتْنَا فِيْهَا مِنْ كُلِّ زَوْجٍ كَرِيْمٍ ⑧

٨ـ ڇا اهي زمين کي نٿا ڏسن ته اسان انهيءَ ۾ قسم قسم جا عمدا جوڙا ڄاهيا آهن.

اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً وَمَا كَانَ اَكْثَرُهُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ⑨

٩ـ انهيءَ ۾ هڪ وڏو نشان آهي، پر انهن مان اڪثر ايمان نٿا آڻين.

وَإِنَّ رَبَّكَ لَهُوَ الْعَزِيزُ الرَّحِيمُ ⑩ ع

١٠- ۽ تنهن جو رب ئي يقينن غالب (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي.

وَإِذْ نَادَىٰ رَبُّكَ مُوسَىٰ أَنِ ائْتِ الْقَوْمَ الظَّالِمِينَ ⑪

١١- ۽ (ياد ڪيو) جڏهين تنهن جي رب موسيٰ کي پڪاريو هو - (۽ چيو هو) تہ ظالم قوم.

قَوْمَ فِرْعَوْنَ ۚ أَلَا يَتَّقُونَ ⑫

١٢- (يعني)فرعون جي قوم وٽ وڃ (۽ انهن کي چؤ تہ) ڇا اهي تقويٰ نٿا ڪن.

قَالَ رَبِّ إِنِّي أَخَافُ أَنْ يُكَذِّبُونِ ⑬

١٣- انهيءَ (جواب ۾) چيو اي منهنجا رب ! مان ڊڄانٿو تہ اهي مون کي ڪوڙو نہ ڪن.

وَيَضِيقُ صَدْرِي وَلَا يَنْطَلِقُ لِسَانِي فَأَرْسِلْ إِلَىٰ هَارُونَ ⑭

١٤- ۽ منهن جو سينو تنگي محسوس ڪريٿو ۽ منهن جي زبان (چڱي طرح) هلي نٿي, پوءِ (مون سان) هارون کي بہ مبعوث ڪر.

وَلَهُمْ عَلَيَّ ذَنْبٌ فَأَخَافُ أَنْ يَقْتُلُونِ ⑮

١٥- ۽ (هي ڳالهہ بہ آهي تہ) انهن (ماڻهن) جو منهن جي خلاف هڪ الزام بہ آهي ۽ مان ڊڄانٿو تہ اهي مونکي قتل نہ ڪري ڇڏين.

قَالَ كَلَّا ۖ فَاذْهَبَا بِآيَاتِنَا ۖ إِنَّا مَعَكُمْ مُسْتَمِعُونَ ⑯

١٦- فرمايائين هرگز نہ پوءِ (اسانجو حڪم بڌي ڪري) توهان ٻئي اسانجون آيتون کڻي (هليا) وڃو اسان توهان سان (۽ توهانجن سائين سان) گڏ هونداسين ۽ (توهانجن دعائن کي) ٻڌندا رهنداسين.

فَأْتِيَا فِرْعَوْنَ فَقُولَا إِنَّا رَسُولُ رَبِّ الْعَالَمِينَ ⑰

١٧- پوءِ فرعون وٽ وڃو ۽ انهيءَ کي چئو تہ اسان رب العالمين (خدا) جا موڪليل آهيون.

أَنْ أَرْسِلْ مَعَنَا بَنِي إِسْرَائِيلَ ⑱

١٨- (هن حڪم سان) تہ اسان سان بني اسرائيل کي موڪل.

قَالَ أَلَمْ نُرَبِّكَ فِينَا وَلِيدًا وَلَبِثْتَ فِينَا مِنْ عُمُرِكَ سِنِينَ ⑲

١٩- انهي (تي فرعون) چيو (اي موسيٰ !) ڇا اسان توکي انهيءَ وقت نہ پاليو جڏهين تون اجا ٻار هئين ۽ تو اسان ۾ پنهنجي عمر جا ڪافي سال گذاريا آهن.

وَ تِلْكَ فَعْلَتَكَ الَّتِيْ فَعَلْتَ وَاَنْتَ مِنَ الْكٰفِرِيْنَ ۝٢٠

٢٠- ۽ تو اهو ڪم بہ ڪيو آهي جو تون ڪري چڪو آهين ۽ تون (اسانجن احسانن جو) بي شڪر آهين.

قَالَ فَعَلْتُهَآ اِذًا وَّ اَنَا مِنَ الضَّآلِّيْنَ ۝٢١

٢١- (موسيٰ) چيو اهو ڪم (جنهن جو تو اشارو ڪيو آهي) مون انهيءَ وقت ڪيو هو جڏهين حقيقت مونکي معلوم نہ هئي.

فَفَرَرْتُ مِنْكُمْ لَمَّا خِفْتُكُمْ فَوَهَبَ لِيْ رَبِّيْ حُكْمًا وَّ جَعَلَنِيْ مِنَ الْمُرْسَلِيْنَ ۝٢٢

٢٢- پوءِ انهيءَ جي نتيجي ۾ جڏهين مونکي توکان ڏپ محسوس ٿيو تہ مان توکان ڀڄي هليو ويس انهيءَ تي منهن جي رب مونکي حڪم (يعني عهد نبوت) عطا فرمايو ۽ مونکي رسولن مان (هڪ رسول) بنايو.

وَ تِلْكَ نِعْمَةٌ تَمُنُّهَا عَلَيَّ اَنْ عَبَّدْتَّ بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ ۝٢٣

٢٣- ۽ هي (نانڍپڻ ۾ مونکي پالڻ جي) نعمت جنهن جو تون احسان جتائين ٿو ڇا اهو انهيءَ ڳالهہ جي مقابلي ۾ پيش ڪيو وڃي ٿو تہ تو بني اسرائيل جي ساري قوم کي غلام بڻائي ڇڏيو آهي.

قَالَ فِرْعَوْنُ وَمَا رَبُّ الْعٰلَمِيْنَ ۝٢٤

٢٤- انهيءَ تي فرعون (شرمندو ٿي ۽ ڳالهہ مٽائڻ لاءِ) چيو اهو رب العالمين ڪير آهي؟ جنهن جي طرفان اچڻ تون بيان ڪرين ٿو.

قَالَ رَبُّ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَمَا بَيْنَهُمَا ؕ اِنْ كُنْتُمْ مُّوْقِنِيْنَ ۝٢٥

٢٥- (موسيٰ) چيو آسمان ۽ زمين ۽ جيڪي ڪي انهن ٻنهي جي وچم آهي انهيءَ جو رب. جيڪڏهن تو ۾ يقين ڪرڻ جي خواهش آهي.

قَالَ لِمَنْ حَوْلَهٗٓ اَلَا تَسْتَمِعُوْنَ ۝٢٦

٢٦- (انهيءَ تي) فرعون پنهن جي آسپاس وارن ماڻهن کي چيو، ڇا توهان ٻڌو نٿا (تہ موسيٰ ڇا ٿو چوي).

قَالَ رَبُّكُمْ وَرَبُّ اٰبَآئِكُمُ الْاَوَّلِيْنَ ۝٢٧

٢٧- (موسيٰ پنهنجي پهرين بيان جي تشريح ڪندي) جواب ڏنو. اهو ئي جيڪو تنهن جو بہ رب آهي ۽ تنهن جن اڳين ابن ڏاڏن جو بہ رب هو.

قَالَ اِنَّ رَسُوْلَكُمُ الَّذِیْۤ اُرْسِلَ اِلَیْكُمْ لَمَجْنُوْنٌ ﴿٢٧﴾

٢٨. (انهيءَ تي فرعون) چالهايو (اي انسانو!) توهانجو اهو رسول جيڪو توهانڏانهن موڪليو ويو آهي ضرور چريو آهي.

قَالَ رَبُّ الْمَشْرِقِ وَ الْمَغْرِبِ وَ مَا بَیْنَهُمَا ؕ اِنْ كُنْتُمْ تَعْقِلُوْنَ ﴿٢٨﴾

٢٩. (موسيٰ سمجهي ويو تہ هو چالهہ نارڻ چاهيٽو ۽) چيائين (رب العالمين) اهو ئي آهي جيڪو مشرق جو بہ رب آهي ۽ مغرب جو بہ (رب آهي) ۽ جيڪي ڪي انهن جي وچم آهي (انهيءَ جو بہ رب آهي) جيڪڏهن توهين عقل کان ڪم وٺو.

قَالَ لَىِٕنِ اتَّخَذْتَ اِلٰهًا غَیْرِیْ لَاَجْعَلَنَّكَ مِنَ الْمَسْجُوْنِیْنَ ﴿٢٩﴾

٣٠. (انهيءَ تي) فرعون (غصي ۾) اچي چيو، جيڪڏهن مون کانسواءِ تو ڪو ٻيو معبود بنايو تہ مان توکي قيد ڪري ڇڏيندس.

قَالَ اَوَ لَوْ جِئْتُكَ بِشَیْءٍ مُّبِیْنٍ ﴿٣٠﴾

٣١. انهي (يعني موسيٰ) چيو، ڇا انهيءَ صورت ۾ بہ جيڪڏهن مان ڪابہ (حال جي حقيقت جي) کولي ڇڏڻ واري شيءِ تو وٽ آڻيان (يعني معجزو).

قَالَ فَاْتِ بِهٖۤ اِنْ كُنْتَ مِنَ الصّٰدِقِیْنَ ﴿٣١﴾

٣٢. (انهيءَ تي) فرعون چيو، جيڪڏهن تون سچو آهين تہ ڀلي آڻ.

فَاَلْقٰى عَصَاهُ فَاِذَا هِیَ ثُعْبَانٌ مُّبِیْنٌ ﴿٣٢﴾

٣٣. پوءِ انهي (يعني موسيٰ) پنهن جي لٺ زمين تي رکي ڇڏي تہ اوچتو (فرعون جي ماڻهن ڏٺو تہ) اهو هڪ پڌرو نظر اچڻ وارو واسينگ نانگ آهي.

وَّ نَزَعَ یَدَهٗ فَاِذَا هِیَ بَیْضَآءُ لِلنّٰظِرِیْنَ ﴿٣٣﴾ ع٢

٣٤. ۽ هن پنهن جو هٿ (پنهن جي بغل مان) ڪڍيو تہ سيني ڏسڻ وارن اوچتو ڏٺو تہ اهو بلڪل اڇو آهي.

قَالَ لِلْمَلَاِ حَوْلَهٗۤ اِنَّ هٰذَا لَسٰحِرٌ عَلِیْمٌ ﴿٣٤﴾

٣٥. انهيءَ تي فرعون پنهنجي آسپاس جي سردارن کي چيو هيءَ تہ وڏو ڄاڻو جادوگر آهي.

ڪني تہ اوچتو اها انهن جي ڪوڙن کي ڳھڻ لڳي.

فَاُلْقِيَ السَّحَرَةُ سٰجِدِيْنَ ﴿٤٧﴾

۴۷ـ تڏهين جادوگر (خدا جي اڳيان) سجدي ۾ ڪيرايا ويا.

قَالُوْٓا اٰمَنَّا بِرَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٤٨﴾
رَبِّ مُوْسٰى وَ هٰرُوْنَ ﴿٤٩﴾

۴۸ـ ۴۹ـ (۽) انهن چيو, اسان رب العالمين تي جيڪو موسيٰ ۽ هارون جو رب آهي ايمان آڻيون ٿا.

قَالَ اٰمَنْتُمْ لَهٗ قَبْلَ اَنْ اٰذَنَ لَكُمْ ۚ اِنَّهٗ لَكَبِيْرُكُمُ الَّذِيْ عَلَّمَكُمُ السِّحْرَ ۚ فَلَسَوْفَ تَعْلَمُوْنَ ۬ؕ لَاُقَطِّعَنَّ اَيْدِيَكُمْ وَ اَرْجُلَكُمْ مِّنْ خِلَافٍ وَّ لَاُوصَلِّبَنَّكُمْ اَجْمَعِيْنَ ﴿٥٠﴾ۚ

۵۰ـ انهيءَ تي فرعون (خفا ٿي) چيو تہ چا منهن جي حڪم ڏيڻ کان پھرين توهان ايمان آندو آهي ؟ هي (شخص) يقينڻ توهانجو ڪو سردار آهي جنهن توهانکي جادو سيکاريو آهي پوءِ جلدي توهان (پنهن جو انجام) معلوم ڪري وٺندو مان توهانجي هٿن ۽ پيرن کي (پنهن جي) خلاف ورزيءَ سبب ڪپي ڇڏيندس ۽ توهان سڀني کي صليب تي ٽنگي ڇڏيندس.

قَالُوْا لَا ضَيْرَ ۫ اِنَّآ اِلٰى رَبِّنَا مُنْقَلِبُوْنَ ﴿٥١﴾ۚ

۵۱ـ انهن چيو (انهيءَ ۾) ڪو نقصان ڪونهي آخرڪار اسان پنهن جي رب جي طرف ئي موٽي وڃڻ وارا آهيون.

اِنَّا نَطْمَعُ اَنْ يَّغْفِرَ لَنَا رَبُّنَا خَطٰيٰنَآ اَنْ كُنَّآ اَوَّلَ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿٥٢﴾ؑ ع ۳ ۱۸ ۷

۵۲ـ اسان اميد ڪريون ٿا اسانجو رب اسانجا گناھہ انهيءَ ڪري معاف ڪري ڇڏيندو جو اسان سڀني کان پھرين ايمان آڻڻ وارن مان بنجي وياسين.

وَ اَوْحَيْنَآ اِلٰى مُوْسٰٓى اَنْ اَسْرِ بِعِبَادِيْٓ اِنَّكُمْ مُّتَّبَعُوْنَ ﴿٥٣﴾

۵۳ـ ۽ اسان موسيٰ ڏانهن وحي ڪئي تہ منهن جن ٻانهن کي راتو رات وٺي وڃ توهانجو پيڇو ڪيو ويندو.

فَاَرْسَلَ فِرْعَوْنُ فِي الْمَدَآئِنِ حٰشِرِيْنَ ﴿٥٤﴾ۚ

۵۴ـ انهيءَ تي فرعون شهرن ڏانهن جمع ڪرڻ وارا ماڻهو موڪليا.

اِنَّ هٰٓؤُلَآءِ لَشِرْذِمَةٌ قَلِيْلُوْنَ ﴿٥٥﴾

۵۵ـ (هي چوندي) تہ هي ماڻهو (يعني بني اسرائيل) تہ هڪ ٿورڙي جماعت آهن.

| | |
|---|---|
| وَاِنَّهُمۡ لَنَا لَغَآئِظُوۡنَ ﴿٥٦﴾ | ٥٦. باوجود انهيءَ جي هو اسانکي غصو ڏياري رهيا آهن. |
| وَاِنَّا لَجَمِيۡعٌ حٰذِرُوۡنَ ﴿٥٧﴾ | ٥٧. ۽ اسان هڪ (وڏي) جماعت آهيون جيکي ڏاڍا محتاط آهيون (پوءِ اسانکي انهن جو مقابلو ڪرڻ گهرجي). |
| فَاَخۡرَجۡنٰهُمۡ مِّنۡ جَنّٰتٍ وَّعُيُوۡنٍ ﴿٥٨﴾ وَّكُنُوۡزٍ وَّمَقَامٍ كَرِيۡمٍ ﴿٥٩﴾ | ٥٨. ٥٩. تڏهين انهن (يعني فرعون ۽ انهيءَ جي جماعت) کي باغن ۽ چشمن ۽ خزانن ۽ عزت واري ملڪ مان ڪڍي ڇڏيو (يعني محروم ڪري ڇڏيو). |
| كَذٰلِكَ ؕ وَاَوۡرَثۡنٰهَا بَنِىۡۤ اِسۡرَآءِيۡلَ ﴿٦٠﴾ | ٦٠. ائين ئي ٿيو ۽ اسان انهن (شين) جو وارث بني اسرائيل کي ڪري ڇڏيو. |
| فَاَتۡبَعُوۡهُمۡ مُّشۡرِقِيۡنَ ﴿٦١﴾ | ٦١. پوءِ صبح جي وقت اهي (يعني فرعون ۽ انهيءَ جي قوم جا ماڻهو بني اسرائيل کي روڪڻ جي لاءِ) انهن جي پويان پيا. |
| فَلَمَّا تَرَآءَ الۡجَمۡعٰنِ قَالَ اَصۡحٰبُ مُوۡسٰۤى اِنَّا لَمُدۡرَكُوۡنَ ﴿٦٢﴾ | ٦٢. پوءِ جڏهين ٻئي گروهه هڪ ٻئي جي سامهون ٿيا تہ موسيٰ جي سائين چيو اسان تہ پڪڙجي پياسين. |
| قَالَ كَلَّا ۚ اِنَّ مَعِىَ رَبِّىۡ سَيَهۡدِيۡنِ ﴿٦٣﴾ | ٦٣. (موسيٰ) جواب ڏنو, هرگز ائين نہ ٿيندو, منهن جو رب مون سان آهي ۽ اهو مونکي ڪاميابيءَ جو رستو ڏيکاريندو. |
| فَاَوۡحَيۡنَاۤ اِلٰى مُوۡسٰۤى اَنِ اضۡرِبْ بِّعَصَاكَ الۡبَحۡرَ ؕ فَانۡفَلَقَ فَكَانَ كُلُّ فِرۡقٍ كَالطَّوۡدِ الۡعَظِيۡمِ ﴿٦٤﴾ | ٦٤. تڏهين اسان موسيٰ ڏانهن وحي ڪئي تہ پنهن جي لٺ کي سمنڊ تي هڻ, جنهن ڪري (سمنڊ) ڦاٽي پيو ۽ انهيءَ جو هر ٽڪر هڪ وڏي دڙي وانگر نظر اچڻ لڳو. |
| وَاَزۡلَفۡنَا ثَمَّ الۡاٰخَرِيۡنَ ﴿٦٥﴾ | ٦٥. ۽ انهيءَ وقت اسان ٻئي گروهه (يعني فرعون جي گروهه) کي ويجهو وٺي آياسين. |
| وَاَنۡجَيۡنَا مُوۡسٰى وَمَنۡ مَّعَهٗۤ اَجۡمَعِيۡنَ ﴿٦٦﴾ | ٦٦. ۽ اسان موسيٰ ۽ انهي جي سائين کي ڇوٽڪارو ڏنو. |
| ثُمَّ اَغۡرَقۡنَا الۡاٰخَرِيۡنَ ﴿٦٧﴾ | ٦٧. ۽ ٻئي گروهه کي اسان غرق ڪري ڇڏيو. |

إِنَّ فِي ذَٰلِكَ لَآيَةً ۖ وَمَا كَانَ أَكْثَرُهُم مُّؤْمِنِينَ ﴿٦٧﴾

٦٨. هن (واقعي) ۾ هڪ وڏو نشان آهي پر انهن (منڪرن) مان اڪثر نٿا مڃين.

وَإِنَّ رَبَّكَ لَهُوَ الْعَزِيزُ الرَّحِيمُ ﴿٦٨﴾ ع ٤ ٨

٦٩. ۽ تنهن جو رب يقينن غالب (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي.

وَاتْلُ عَلَيْهِمْ نَبَأَ إِبْرَاهِيمَ ﴿٦٩﴾

٧٠. ۽ انهن کي ابراهيم وارو واقعو پڙهي ٻڌاءِ.

إِذْ قَالَ لِأَبِيهِ وَقَوْمِهِ مَا تَعْبُدُونَ ﴿٧٠﴾

٧١. جڏهن انهيءَ پنهن جي قوم کي چيو توهان ڪهڙي شئي جي عبادت ڪيو ٿا؟

قَالُوا نَعْبُدُ أَصْنَامًا فَنَظَلُّ لَهَا عَاكِفِينَ ﴿٧١﴾

٧٢. انهن چيو اسان بتن جي پوڄا ڪيون ٿا ۽ انهن جي اڳيان ويٺا هوندا آهيون.

قَالَ هَلْ يَسْمَعُونَكُمْ إِذْ تَدْعُونَ ﴿٧٢﴾

٧٣. انهيءَ تي ابراهيم چيو تہ ڇا جڏهن توهان انهن کي سڏيو ٿا تہ اهي توهانجي (اها) پڪار ٻڌن ٿا؟

أَوْ يَنفَعُونَكُمْ أَوْ يَضُرُّونَ ﴿٧٣﴾

٧٤. يا توهانکي ڪو نفعو پهچائين يا نقصان ڏين ٿا؟

قَالُوا بَلْ وَجَدْنَا آبَاءَنَا كَذَٰلِكَ يَفْعَلُونَ ﴿٧٤﴾

٧٥. انهن چيو ائين تہ ڪونهي، پر اسان پنهن جن وڏن کي ائين ڪندي ڏسندا آيا آهيون.

قَالَ أَفَرَأَيْتُم مَّا كُنتُمْ تَعْبُدُونَ ﴿٧٥﴾

٧٦. انهيءَ چيو، تہ ڇا توهانکي معلوم آهي تہ جن جي توهان عبادت ڪندا آيا آهيو.

أَنتُمْ وَآبَاؤُكُمُ الْأَقْدَمُونَ ﴿٧٦﴾

٧٧. توهان بہ ۽ توهانجا اڳيان ابا ڏاڏا بہ.

فَإِنَّهُمْ عَدُوٌّ لِّي إِلَّا رَبَّ الْعَالَمِينَ ﴿٧٧﴾

٧٨. اهي سڀئي رب العالمين کانسواءِ منهن جي تباهي چاهين ٿا.

الَّذِي خَلَقَنِي فَهُوَ يَهْدِينِ ﴿٧٨﴾

٧٩. جنهن (رب العالمين) مونکي پيدا ڪيو آهي ۽ (انهيءَ جي نتيجي ۾) اهو مونکي هدايت بہ ڏيندو.

وَالَّذِي هُوَ يُطْعِمُنِي وَيَسْقِينِ ﴿٧٩﴾

٨٠. ۽ جنهن جي صفت هيءَ آهي جو اهو ئي مونکي کاڌو کارائي ۽ اهو ئي مونکي پاڻي پياري ٿو.

فَكُبْكِبُوْا فِيْهَا هُمْ وَالْغَاوٗنَ ﴿٩٥﴾
وَجُنُوْدُ اِبْلِيْسَ اَجْمَعُوْنَ ﴿٩٦﴾

٩٥-٩٦. پوءِ انهيءَ وقت اهي (ڪوڙا معبود ۽ ڪافر) ۽ گمراهه ۽ ابليس جي لشڪر سڀيئي انهيءَ (دوزخ) ۾ اونڌي منهن ڪيرايا ويندا.

قَالُوْا وَهُمْ فِيْهَا يَخْتَصِمُوْنَ ﴿٩٧﴾

٩٧. اهي پاڻ ۾ جڏهين اهي انهيءَ (جهنم) ۾ بحث ڪري رهيا هوندا چوندا.

تَاللّٰهِ اِنْ كُنَّا لَفِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ ﴿٩٨﴾

٩٨. خدا جو قسم اسان ظاهر ظهور گمراهيءَ ۾ پيل هئاسين.

اِذْ نُسَوِّيْكُمْ بِرَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٩٩﴾

٩٩. جڏهين ته اسان توهانکي رب العالمين خدا جي برابر درجو ڏيندا هئاسين.

وَمَآ اَضَلَّنَآ اِلَّا الْمُجْرِمُوْنَ ﴿١٠٠﴾

١٠٠. ۽ اسانکي ته ڏوهارين ئي رستي کان ڀٽڪايو هو.

فَمَا لَنَا مِنْ شَافِعِيْنَ ﴿١٠١﴾

١٠١. پوءِ (اڄ) شفاعت ڪرڻ وارن مان ڪوبه اسانجي شفاعت نٿو ڪري.

وَلَا صَدِيْقٍ حَمِيْمٍ ﴿١٠٢﴾

١٠٢. ۽ نه اسانجو ڪوبه غمخوار دوست آهي.

فَلَوْ اَنَّ لَنَا كَرَّةً فَنَكُوْنَ مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿١٠٣﴾

١٠٣. پوءِ جيڪڏهين اسانکي موٽڻ جي طاقت هجي ها ته اسان (موٽي ڪري) ضرور مومنن ۾ (شامل) ٿي وڃون ها.

اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً ۭ وَمَا كَانَ اَكْثَرُهُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿١٠٤﴾

١٠٤. هن (واقعي) ۾ هڪ تمام وڏو نشان آهي پر انهن (ڪافرن) مان اڪثر ايمان ئي نٿا آڻين.

وَاِنَّ رَبَّكَ لَهُوَ الْعَزِيْزُ الرَّحِيْمُ ﴿١٠٥﴾ ع

١٠٥. ۽ تنهن جو رب يقينن غالب (۽) بار بار ڪرم ڪرڻ وارو آهي.

كَذَّبَتْ قَوْمُ نُوْحِ ۨالْمُرْسَلِيْنَ ﴿١٠٦﴾

١٠٦. نوح جي قوم (پنهن جي) رسولن جو انڪار ڪيو.

اِذْ قَالَ لَهُمْ اَخُوْهُمْ نُوْحٌ اَلَا تَتَّقُوْنَ ﴿١٠٧﴾

١٠٧. جڏهين ته انهن کي انهن جي ڀاءُ نوح چيو، ڇا توهان تقوي نٿا ڪيو؟

اِنِّىْ لَكُمْ رَسُوْلٌ اَمِيْنٌ ﴿١٠٨﴾

١٠٨. مان توهان ڏانهن هڪ امانت وارو

پيغمبر ٿي آيو آهيان.

فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَ اَطِيْعُوْنِ ﴿١٠٩﴾

١٠٩. پوءِ الله جي تقويٰ اختيار ڪيو ۽ منهن جي اطاعت ڪيو.

وَمَآ اَسْـَٔلُكُمْ عَلَيْهِ مِنْ اَجْرٍ ۚ اِنْ اَجْرِيَ اِلَّا عَلٰى رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿١١٠﴾

١١٠. ۽ مان هن (خدمت جي سلسلي) ۾ ڪوبہ اجر نٿو گهران. منهن جو اجر تہ رب العالمين (خدا) جي ذمي آهي.

فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَ اَطِيْعُوْنِ ﴿١١١﴾

١١١. پوءِ الله جي تقويٰ اختيار ڪيو. ۽ منهن جي اطاعت ڪيو.

قَالُوْٓا اَنُؤْمِنُ لَكَ وَ اتَّبَعَكَ الْاَرْذَلُوْنَ ﴿١١٢﴾

١١٢. (انهن ڪافرن) چيو تہ ڇا اسان توتي ايمان آڻيون, حالانڪ نهايت حقير ماڻهو تنهنجا تابعدار ٿيا آهن.

قَالَ وَمَا عِلْمِيْ بِمَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿١١٣﴾

١١٣. ان چيو, مونکي ڪٿان علم آيو آهي تہ انهن جا اندروني عمل ڪهڙا آهن.

اِنْ حِسَابُهُمْ اِلَّا عَلٰى رَبِّيْ لَوْ تَشْعُرُوْنَ ﴿١١٤﴾

١١٤. انهن جو حساب ڪرڻ تہ منهن جي رب جي ذمي آهي - جيڪڏهن توهان سمجهو.

وَمَآ اَنَا بِطَارِدِ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿١١٥﴾

١١٥. ۽ جيڪو شخص مومن ٿي ڪري مون وٽ اچي ٿو منهن جو ڪم نہ آهي تہ مان انهيءَ کي ڌڪاري ڇڏيان.

اِنْ اَنَا اِلَّا نَذِيْرٌ مُّبِيْنٌ ﴿١١٦﴾

١١٦. مان تہ صرف هڪ ظاهر ظهور هوشيار ڪرڻ وارو (انسان) آهيان.

قَالُوْا لَئِنْ لَّمْ تَنْتَهِ يٰنُوْحُ لَتَكُوْنَنَّ مِنَ الْمَرْجُوْمِيْنَ ﴿١١٧﴾

١١٧. (انهن ڪافرن) چيو اي نوح ! جيڪڏهن تون باز نہ آئين تہ تون سنگسار ڪرڻ وارن ۾ شامل ٿي ويندين (يعني توکي سنگسار ڪري ڇڏينداسين).

قَالَ رَبِّ اِنَّ قَوْمِيْ كَذَّبُوْنِ ﴿١١٨﴾

١١٨. انهيءَ تي (نوح) چيو اي منهنجا رب! منهن جي قوم مونکي ڪوڙو ڪيو آهي.

فَافْتَحْ بَيْنِيْ وَ بَيْنَهُمْ فَتْحًا وَّ نَجِّنِيْ وَمَنْ مَّعِيَ مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿١١٩﴾

١١٩. پوءِ تون منهن جي ۽ انهن جي وچ ۾ هڪ قطعي فيصلو ڪر ۽ مونکي ۽ منهن جن ساٿي مومنن کي (دشمن جي) شر کان بچاءِ.

فَاَنْجَيْنٰهُ وَمَنْ مَّعَهٗ فِي الْفُلْكِ الْمَشْحُوْنِ ﴿١٢٠﴾

١٢٠. پوءِ اسان انهيءَ کي ۽ جن انهيءَ سان

گڏ ايمان آندو هو هڪ ڀريل ٻيڙيءَ جي وسيلي (شر کان) بچايو.

ثُمَّ اَغْرَقْنَا بَعْدُ الْبٰقِيْنَ ﴿١٢١﴾

١٢١- پوءِ انهيءَ کانپوءِ جيڪي باقي ماڻهو هئا انهن کي غرق ڪري ڇڏيو.

اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً ۭ وَمَا كَانَ اَكْثَرُهُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿١٢٢﴾

١٢٢- انهيءَ ۾ هڪ تمام وڏو نشان هو پر انهن (ڪافرن) مان اڪثر ايمان آڻڻ تي تيار نہ هئا.

وَاِنَّ رَبَّكَ لَهُوَ الْعَزِيْزُ الرَّحِيْمُ ﴿١٢٣﴾ ع

١٢٣- ۽ تنهن جو رب ئي غالب (۽) بار بار ڪرم ڪرڻ وارو آهي.

كَذَّبَتْ عَادُ ِۨ الْمُرْسَلِيْنَ ﴿١٢٤﴾

١٢٤- (اهڙيءَ طرح) عاد بہ رسولن جو انڪار ڪيو.

اِذْ قَالَ لَهُمْ اَخُوْهُمْ هُوْدٌ اَلَا تَتَّقُوْنَ ﴿١٢٥﴾

١٢٥- جڏهين تہ انهن کي انهن جي ڀاءُ هود چيو، ڇا توهان تقويٰ نٿا ڪيو.

اِنِّىْ لَكُمْ رَسُوْلٌ اَمِيْنٌ ﴿١٢٦﴾

١٢٦- مان توهان ڏانهن هڪ امانت وارو پيغمبر ٿي آيو آهيان.

فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَاَطِيْعُوْنِ ﴿١٢٧﴾

١٢٧- پوءِ الله جي تقويٰ اختيار ڪيو، ۽ منهن جي اطاعت ڪيو.

وَمَآ اَسْئَلُكُمْ عَلَيْهِ مِنْ اَجْرٍ ۚ اِنْ اَجْرِيَ اِلَّا عَلٰي رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿١٢٨﴾

١٢٨- ۽ مان توهان کان انهيءَ (خدمت) لاءِ ڪوبہ اجر نٿو گهران - منهن جو اجر صرف رب العالمين خدا جي ذمي آهي (جنهن مونکي موڪليو آهي).

اَتَبْنُوْنَ بِكُلِّ رِيْعٍ اٰيَةً تَعْبَثُوْنَ ﴿١٢٩﴾

١٢٩- ڇا توهان هر ڪنهن دڙي تي اجايو ڪم ڪندي (يادگار) عمارت بنايو ٿا.

وَتَتَّخِذُوْنَ مَصَانِعَ لَعَلَّكُمْ تَخْلُدُوْنَ ﴿١٣٠﴾

١٣٠- ۽ توهان وڏا وڏا محل بنايو ٿا، انهيءَ لاءِ تہ توهان هميشه قائم رهو.

وَاِذَا بَطَشْتُمْ بَطَشْتُمْ جَبَّارِيْنَ ﴿١٣١﴾

١٣١- ۽ جڏهين توهان (ڪنهن کي) پڪڙيو ٿا تہ توهان ظالمن وانگر پڪڙيو ٿا.

فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَاَطِيْعُوْنِ ﴿١٣٢﴾

١٣٢- پوءِ الله جي تقويٰ اختيار ڪيو ۽ منهن جي اطاعت ڪيو.

وَاتَّقُوا الَّذِيْٓ اَمَدَّكُمْ بِمَا تَعْلَمُوْنَ ﴿١٣٣﴾

١٣٣- وري مان چوانٿو تہ انهيءَ (ذات) جي

تقويٰ اختيار ڪيو جنهن توهانجي انهن شين سان مدد ڪئي آهي جن کي توهان سڃاڻو ٿا.

أَمَدَّكُمْ بِأَنْعَامٍ وَّبَنِيْنَ ﴿١٣٣﴾

١٣٤. انهيءَ توهانجي مدد ڪئي آهي، چوپايا ۽ پٽ.

وَجَنّٰتٍ وَّعُيُوْنٍ ﴿١٣٤﴾

١٣٥. ۽ باغ ۽ چشمان ڏيئي.

اِنِّيْٓ اَخَافُ عَلَيْكُمْ عَذَابَ يَوْمٍ عَظِيْمٍ ﴿١٣٥﴾

١٣٦. مان توهانتي هڪ وڏي ڏينهن جي عذاب نازل ٿيڻ کان ڊڄانٿو.

قَالُوْا سَوَآءٌ عَلَيْنَآ اَوَعَظْتَ اَمْ لَمْ تَكُنْ مِّنَ الْوٰعِظِيْنَ ﴿١٣٦﴾

١٣٧. انهن چيو، تنهن جو نصيحت ڪرڻ يا نہ ڪرڻ اسان لاءِ برابر آهي.

اِنْ هٰذَآ اِلَّا خُلُقُ الْاَوَّلِيْنَ ﴿١٣٧﴾

١٣٨. (جو جو جيڪي ڳالهيون اسان ڪيون ٿا) اهي تہ اڳئين زماني جي ماڻهن کان جاري آهن.

وَمَا نَحْنُ بِمُعَذَّبِيْنَ ﴿١٣٨﴾

١٣٩. ۽ اسانتي (ڪڏهين) عذاب نہ ايندو.

فَكَذَّبُوْهُ فَاَهْلَكْنٰهُمْ ۭ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً ۭ وَمَا كَانَ اَكْثَرُهُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿١٣٩﴾

١٤٠. پوءِ انهن ڪافرن انهن کي ڪوڙو ڪيو ۽ اسان انهن کي تباهہ ڪري ڇڏيو هن واقعي ۾ هڪ تمام وڏو نشان آهي - پر انهن مان اڪثر مومن مان نہ بنيا.

وَاِنَّ رَبَّكَ لَهُوَ الْعَزِيْزُ الرَّحِيْمُ ﴿١٤٠﴾ ع ٨

١٤١. ۽ تنهن جو رب يقينن غالب (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي.

كَذَّبَتْ ثَمُوْدُ الْمُرْسَلِيْنَ ﴿١٤١﴾

١٤٢. ثمود بہ رسولن کي ڪوڙو ڪيو هو.

اِذْ قَالَ لَهُمْ اَخُوْهُمْ صٰلِحٌ اَلَا تَتَّقُوْنَ ﴿١٤٢﴾

١٤٣. جڏهين تہ انهن کي سندن ڀاءُ صالح چيو هو تہ ڇا توهين تقويٰ نٿا ڪيو؟.

اِنِّيْ لَكُمْ رَسُوْلٌ اَمِيْنٌ ﴿١٤٣﴾

١٤٤. مان توهان ڏانهن هڪ امانت وارو پيغمبر بنائي موڪليو ويو آهيان.

فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَاَطِيْعُوْنِ ﴿١٤٤﴾

١٤٥. پوءِ الله جي تقويٰ اختيار ڪيو ۽ منهن جي اطاعت ڪيو.

وَمَآ اَسْـَٔـلُكُمْ عَلَيْهِ مِنْ اَجْرٍ ۚ اِنْ اَجْرِيَ اِلَّا عَلٰ

١٤٦. مان هن ڪم لاءِ توهان کان ڪوبہ اجر

رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿١٤٦﴾

ڪونہ ٿو گهران، منهن جو اجر تہ رب العالمين جي ذمي آهي (جنهن مونکي موڪليو آهي).

اَتُتْرَكُوْنَ فِيْ مَا هٰهُنَآ اٰمِنِيْنَ ﴿١٤٧﴾

١٤٧. ڇا (توهان خيال ڪيو ٿا تہ) جيڪي ڪي هن (دنيا) ۾ آهي توهانکي انهيءَ ۾ امن سان (زندگي بسر ڪندي) ڇڏيو ويندو.

فِيْ جَنّٰتٍ وَّعُيُوْنٍ ﴿١٤٨﴾

١٤٨. يعني باغن ۽ چشمن ۾.

وَّزُرُوْعٍ وَّنَخْلٍ طَلْعُهَا هَضِيْمٌ ﴿١٤٩﴾

١٤٩. ۽ جهوليندڙ پوکن ۾ ۽ ڪجين ۾ جن جا ڦر بار جي سببان ڇڇي رهيا هجن.

وَتَنْحِتُوْنَ مِنَ الْجِبَالِ بُيُوْتًا فٰرِهِيْنَ ﴿١٥٠﴾

١٥٠. ۽ توهان ماڻهو پهاڙ ڪوٽي (پنهن جي وڏائي تي) فخر ڪندي گهر ناهيو ٿا.

فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَاَطِيْعُوْنِ ﴿١٥١﴾

١٥١. پوءِ الله جي تقويٰ اختيار ڪيو ۽ منهن جي اطاعت ڪيو.

وَلَا تُطِيْعُوْٓا اَمْرَ الْمُسْرِفِيْنَ ﴿١٥٢﴾

١٥٢. ۽ حد کان وڌي وڃڻ وارن ماڻهن جي ڳالهين کي نہ مڃيو.

الَّذِيْنَ يُفْسِدُوْنَ فِي الْاَرْضِ وَلَا يُصْلِحُوْنَ ﴿١٥٣﴾

١٥٣. اهي ماڻهو جيڪي ملڪ ۾ فساد ڪن ٿا ۽ اصلاح نٿا ڪن.

قَالُوْٓا اِنَّمَآ اَنْتَ مِنَ الْمُسَحَّرِيْنَ ﴿١٥٤﴾

١٥٤. انهيءَ تي انهن (ڪافرن) چيو توکي صرف ڪاڌو ڏنو وڃي ٿو.

مَآ اَنْتَ اِلَّا بَشَرٌ مِّثْلُنَا ۚ فَاْتِ بِاٰيَةٍ اِنْ كُنْتَ مِنَ الصّٰدِقِيْنَ ﴿١٥٥﴾

١٥٥. تون اسان جهڙو هڪ ماڻهو آهين. پوءِ جيڪڏهين تون سچو آهين تہ ڪو نشان ظاهر ڪر.

قَالَ هٰذِهٖ نَاقَةٌ لَّهَا شِرْبٌ وَّلَكُمْ شِرْبُ يَوْمٍ مَّعْلُوْمٍ ﴿١٥٦﴾

١٥٦. انهيءَ چيو هيءَ هڪ ڏاچي آهي، هڪ ڏينهن هن لاءِ گهاٽ تي پاڻي پيئڻ مقرر آهي ۽ هڪ ڏينهن توهان لاءِ گهاٽ تان پاڻي پرڻ مقرر آهي.

وَلَا تَمَسُّوْهَا بِسُوْٓءٍ فَيَاْخُذَكُمْ عَذَابُ يَوْمٍ عَظِيْمٍ ﴿١٥٧﴾

١٥٧. ۽ توهان هن (ڏاچيءَ) کي ڪوبہ نقصان نہ پهچائجو نہ تہ هڪ وڏي ڏينهن جو عذاب توهانکي اچي سوگهو ڪندو.

| | |
|---|---|
| فَعَقَرُوْهَا فَاَصْبَحُوْا نٰدِمِيْنَ ﴿١٥٨﴾ | ١٥٨. (اهو ڀڏي ڪري ٻـ) انهن انهيءَ (ڏاچيءَ) جون ڪچون ڪپي ڇڏيون ۽ (پوءِ) شرمندهہ ٿي ويا. |
| فَاَخَذَهُمُ الْعَذَابُ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً وَمَا كَانَ اَكْثَرُهُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿١٥٩﴾ | ١٥٩. تڏهين انهن کي (واعدو ڪيل) عذاب اچي ورتو ، انهيءَ ۾ يقينن هڪ تمام وڏو نشان هو، پر انهن مان اڪثر مومنن ۾ شريڪ نـہ ٿيا. |
| وَاِنَّ رَبَّكَ لَهُوَ الْعَزِيْزُ الرَّحِيْمُ ﴿١٦٠﴾ ع | ١٦٠. ۽ تنهن جي رب يقينن غالب (۽) بار بار ڪرم ڪرڻ وارو آهي. |
| كَذَّبَتْ قَوْمُ لُوْطِ ِۨالْمُرْسَلِيْنَ ﴿١٦١﴾ | ١٦١. لوط جي قوم ٻـ رسولن جو انڪار ڪيو. |
| اِذْ قَالَ لَهُمْ اَخُوْهُمْ لُوْطٌ اَلَا تَتَّقُوْنَ ﴿١٦٢﴾ | ١٦٢. جڏهين تـہ انهن جي ڀاءُ لوط چيو تـہ ڇا توهان تقويٰ اختيار نٿا ڪيو. |
| اِنِّيْ لَكُمْ رَسُوْلٌ اَمِيْنٌ ﴿١٦٣﴾ | ١٦٣. مان توهان ڏانهن هڪ امانت وارو پيغمبر بنائي موڪليو ويو آهيان. |
| فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَاَطِيْعُوْنِ ﴿١٦٤﴾ | ١٦٤. پوءِ الله جي تقويٰ اختيار ڪيو ۽ منهن جي اطاعت ڪيو. |
| وَمَآ اَسْـَٔلُكُمْ عَلَيْهِ مِنْ اَجْرٍ اِنْ اَجْرِيَ اِلَّا عَلٰى رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿١٦٥﴾ | ١٦٥. ۽ مان انهيءَ (ڪم) جي بدلي ۾ توهان کان ڪابہ اجرت ڪانـہ ٿو گهران منهن جو اجر تـہ صرف رب العالمين جي ذمي آهي. |
| اَتَاْتُوْنَ الذُّكْرَانَ مِنَ الْعٰلَمِيْنَ ﴿١٦٦﴾ | ١٦٦. ڇا سڄي مخلوقات مان توهان نرن کي پنهنجي لاءِ چونڊيو آهي. |
| وَتَذَرُوْنَ مَا خَلَقَ لَكُمْ رَبُّكُمْ مِّنْ اَزْوَاجِكُمْ بَلْ اَنْتُمْ قَوْمٌ عٰدُوْنَ ﴿١٦٧﴾ | ١٦٧. ۽ توهان انهن کي ڇڏيو ٿا جن کي توهانجي رب توهانجي زالن جي حيثيت سان پيدا ڪيو آهي (صرف اهو ئي ناهي تـہ توهان اهو فعل ڪيو ٿا) پر (حقيقت هيءَ آهي تـہ) توهان (انساني فطرت جي) گهرجن کي هر طرح ٽوڙڻ واري قوم آهيو. |
| قَالُوْا لَىِٕنْ لَّمْ تَنْتَهِ يٰلُوْطُ لَتَكُوْنَنَّ مِنَ الْمُخْرَجِيْنَ ﴿١٦٨﴾ | ١٦٨. انهن چيو، اي لوط ! جيڪڏهن تون |

باز نہ آئين تہ تون ملڪ بدر ڪرڻ وارن ۾ شامل ٿي ويندين.

قَالَ اِنِّيْ لِعَمَلِكُمْ مِّنَ الْقَالِيْنَ ﴿١٦٩﴾

١٦٩. (لوط) چيو (بهرحال) مان توهانجي عمل کي نفرت سان ڏسانٿو.

رَبِّ نَجِّنِيْ وَاَهْلِيْ مِمَّا يَعْمَلُوْنَ ﴿١٧٠﴾

١٧٠. اي منهنجا رب ! مونکي ۽ منهنجي ڪٽنب کي انهن جي عملن کان ڇوٽڪارو ڏي.

فَنَجَّيْنٰهُ وَاَهْلَهٗٓ اَجْمَعِيْنَ ﴿١٧١﴾

١٧١. پوءِ اسان انهيءَ کي ۽ انهيءَ جي ڪٽنب کي سڀني کي ڇوٽڪارو ڏنو.

اِلَّا عَجُوْزًا فِي الْغٰبِرِيْنَ ﴿١٧٢﴾

١٧٢. سواءِ هڪ پڊيءَ جي جيڪا پوئتي رهڻ وارن ۾ شامل ٿي ويئي.

ثُمَّ دَمَّرْنَا الْاٰخَرِيْنَ ﴿١٧٣﴾

١٧٣. پوءِ (لوط کي ڇوٽڪاري ڏيڻ کانپوءِ) سڀني ٻين کي اسان تباهہ ڪري ڇڏيو.

وَاَمْطَرْنَا عَلَيْهِمْ مَّطَرًا ۚ فَسَآءَ مَطَرُ الْمُنْذَرِيْنَ ﴿١٧٤﴾

١٧٤. ۽ اسان انهن تي (پٿرن جو) مينهن وسايو - ۽ جن کي (خدا جي طرفان) هوشيار ڪيو ويندو آهي ( پر تہ بہ باز نہ ايندا آهن) انهن تي وسائڻ وارو مينهن ڏاڍو برو هوندو آهي.

اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً ۗ وَمَا كَانَ اَكْثَرُهُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿١٧٥﴾

١٧٥. هن واقعي ۾ يقينن هڪ وڏو نشان هو پر انهن (ڪافرن) مان اڪثر پوءِ بہ مومن نہ بنيا.

وَاِنَّ رَبَّكَ لَهُوَ الْعَزِيْزُ الرَّحِيْمُ ﴿١٧٦﴾ ع ٩ ١٢

١٧٦. تنهن جو رب يقينن اهو آهي جيڪو غالب (۽) بار بار ڪرم ڪرڻ وارو آهي.

كَذَّبَ اَصْحٰبُ لْئَيْكَةِ الْمُرْسَلِيْنَ ﴿١٧٧﴾

١٧٧. بن جي رهڻ وارن بہ رسولن جو انڪار ڪيو هو.

اِذْ قَالَ لَهُمْ شُعَيْبٌ اَلَا تَتَّقُوْنَ ﴿١٧٨﴾

١٧٨. جڏهين تہ انهن کي شعيب چيو تہ ڇا توهان تقويٰ اختيار نٿا ڪيو.

اِنِّيْ لَكُمْ رَسُوْلٌ اَمِيْنٌ ﴿١٧٩﴾

١٧٩. مان توهان ڏانهن هڪ امانت واري پيغمبر جي حيثيت سان آيو آهيان.

فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَاَطِيْعُوْنِ ﴿۱۸۰﴾

١٨٠. پوءِ الله جي تقويٰ اختيار ڪيو، ۽ منهن جي اطاعت ڪيو.

وَ مَآ اَسْـَٔلُكُمْ عَلَيْهِ مِنْ اَجْرٍ ۚ اِنْ اَجْرِيَ اِلَّا عَلٰى رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿۱۸۱﴾

١٨١. ۽ مان هن ڪم لاءِ توهان کان ڪوبہ اجر نٿو گهران، منهن جو اجر صرف رب العالمين (خدا) جي ذمي آهي.

اَوْفُوا الْكَيْلَ وَ لَا تَكُوْنُوْا مِنَ الْمُخْسِرِيْنَ ﴿۱۸۲﴾

١٨٢. (اي انسانو!) ماپ پوري ڏيندا ڪيو ۽ (ٻين کي) نقصان پهچائڻ وارا نہ بنجو.

وَزِنُوْا بِالْقِسْطَاسِ الْمُسْتَقِيْمِ ﴿۱۸۳﴾

١٨٣. ۽ سڌي ڪانيءَ سان توريندا ڪيو.

وَ لَا تَبْخَسُوا النَّاسَ اَشْيَآءَهُمْ وَلَا تَعْثَوْا فِى الْاَرْضِ مُفْسِدِيْنَ ﴿۱۸۳﴾

١٨٤. ۽ ماڻهن کي انهن جون شيون (انهن جي حق کان) گهٽ نہ ڏيندا ڪيو، ۽ ملڪ ۾ هرگز فساد نہ ڪندا ڪيو.

وَاتَّقُوا الَّذِىْ خَلَقَكُمْ وَالْجِبِلَّةَ الْاَوَّلِيْنَ ﴿۱۸۴﴾

١٨٥. ۽ جنهن توهانکي ۽ توهان کان پهرين مخلوقات کي پيدا ڪيو آهي انهيءَ جي تقويٰ اختيار ڪيو.

قَالُوْٓا اِنَّمَآ اَنْتَ مِنَ الْمُسَحَّرِيْنَ ﴿۱۸۶﴾

١٨٦. (انهيءَ تي انهيءَ جي قوم) چيو تون تہ اهڙو (شخص) آهين جنهن کي ڪاڏو ڏنو ويو ٿو.

وَمَآ اَنْتَ اِلَّا بَشَرٌ مِّثْلُنَا وَاِنْ نَّظُنُّكَ لَمِنَ الْكٰذِبِيْنَ ﴿۱۸۷﴾

١٨٧. ۽ تون صرف اسان جهڙو هڪ انسان آهين ۽ اسان يقينن توکي ڪوڙو سمجهون ٿا.

فَاَسْقِطْ عَلَيْنَا كِسَفًا مِّنَ السَّمَآءِ اِنْ كُنْتَ مِنَ الصّٰدِقِيْنَ ﴿۱۸۸﴾

١٨٨. پوءِ جيڪڏهين تون سچو آهين تہ اسان تي ڪو ڪکر جو ٽڪرو ڪيراءِ.

قَالَ رَبِّيْٓ اَعْلَمُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ ﴿۱۸۹﴾

١٨٩. (انهيءَ تي شعيب) چيو، منهن جو رب توهانجن عملن کي چڱيءَ طرح ڄاڻيٿو.

فَكَذَّبُوْهُ فَاَخَذَهُمْ عَذَابُ يَوْمِ الظُّلَّةِ ۗ اِنَّهٗ كَانَ عَذَابَ يَوْمٍ عَظِيْمٍ ﴿۱۹۰﴾

١٩٠. پر (انهيءَ جي سمجهائڻ جي باوجود) انهن انهيءَ کي ڪوڙو ڪيو. پوءِ انهن کي ڇانو جي ڏينهن واري عذاب اچي پڪڙيو (يعني گهاٽن ۽ مضبوط ڪڪرن جي عذاب) اهو يقينن هڪ وڏي ڳري ڏينهن جو عذاب هو.

إِنَّ فِي ذَٰلِكَ لَآيَةً ۖ وَمَا كَانَ أَكْثَرُهُم مُّؤْمِنِينَ ﴿١٩١﴾

١٩١- هن واقعي ۾ هڪ وڏو نشان هو ۽ (انهيءَ کي ڏسي ڪري بہ) انهن ڪافرن مان اڪثر مومنن ۾ شامل نہ ٿيا.

وَإِنَّ رَبَّكَ لَهُوَ الْعَزِيزُ الرَّحِيمُ ﴿١٩٢﴾ ١٠ ع ١٦ ١٣

١٩٢- ۽ تنهن جو رب يقينن غالب (۽) بار بار ڪرم ڪرڻ وارو آهي.

وَإِنَّهُ لَتَنزِيلُ رَبِّ الْعَالَمِينَ ﴿١٩٣﴾

١٩٣- ۽ يقينن هي (قرآن) رب العالمين خدا جي طرفان نازل ڪيو ويو آهي.

نَزَلَ بِهِ الرُّوحُ الْأَمِينُ ﴿١٩٤﴾

١٩٤- هن کي ڪٺي هڪ امانت واري ڪلام ڪٺندڙ فرشتي (جبريل) تنهن جي دل تي لاٿو آهي.

عَلَىٰ قَلْبِكَ لِتَكُونَ مِنَ الْمُنذِرِينَ ﴿١٩٥﴾

١٩٥- انهيءَ لاءِ تہ تون هوشيار ڪرڻ واري جماعت ۾ شامل ٿي وڃين.

بِلِسَانٍ عَرَبِيٍّ مُّبِينٍ ﴿١٩٦﴾

١٩٦- (هن کي جبريل خدا جي حڪم سان) کولي بيان ڪرڻ واري عربي زبان ۾ لاٿو آهي.

وَإِنَّهُ لَفِي زُبُرِ الْأَوَّلِينَ ﴿١٩٧﴾

١٩٧- ۽ يقينن هن جو ذڪر پهرين ڪتابن ۾ بہ موجود هو.

أَوَلَمْ يَكُن لَّهُمْ آيَةً أَن يَعْلَمَهُ عُلَمَاءُ بَنِي إِسْرَائِيلَ ﴿١٩٨﴾

١٩٨- ڇا انهن لاءِ هي نشان گهٽ آهي جو هن (قرآن) کي بني اسرائيل جا عالم بہ سڃاڻن ٿا.

وَلَوْ نَزَّلْنَاهُ عَلَىٰ بَعْضِ الْأَعْجَمِينَ ﴿١٩٩﴾

١٩٩- ۽ جيڪڏهن اسان هن کي عجمين مان ڪنهن تي نازل ڪيون ها.

فَقَرَأَهُ عَلَيْهِم مَّا كَانُوا بِهِ مُؤْمِنِينَ ﴿٢٠٠﴾

٢٠٠- ۽ اهو انهيءَ کي انهن (ڪافرن) جي سامهون پڙهي ٻڌائي ها تہ اهي ڪڏهين بہ انهيءَ تي ايمان نہ آڻين ها.

كَذَٰلِكَ سَلَكْنَاهُ فِي قُلُوبِ الْمُجْرِمِينَ ﴿٢٠١﴾

٢٠١- اهڙيءَ طرح اسان ڏوهارين جي دلين ۾ هيءَ (ڳالهہ) داخل ڪري ڇڏي آهي.

لَا يُؤْمِنُونَ بِهِ حَتَّىٰ يَرَوُا الْعَذَابَ الْأَلِيمَ ﴿٢٠٢﴾

٢٠٢- (پوءِ) اهي هن تي ايمان نہ آڻيندا ايستائين جو دردناڪ عذاب ڏسن.

فَيَأْتِيَهُمْ بَغْتَةً وَّهُمْ لَا يَشْعُرُوْنَ ﴿٢٠٣﴾

٢٠٣- پوءِ اهو (عذاب) انهن جي بي خبريءَ ۾ انهن وٽ اوچتو اچي ويندو.

فَيَقُوْلُوْا هَلْ نَحْنُ مُنْظَرُوْنَ ﴿٢٠٤﴾

٢٠٤- تڏهين اهي چوندا، ڇا اسانکي ڍر ملي سگهندي ؟

اَفَبِعَذَابِنَا يَسْتَعْجِلُوْنَ ﴿٢٠٥﴾

٢٠٥- سو (ٻڌايو تہ) ڇا اهي ئي ماڻهو اسانجي عذاب کي جلدي گهرندا هئا.

اَفَرَءَيْتَ اِنْ مَّتَّعْنٰهُمْ سِنِيْنَ ﴿٢٠٦﴾

٢٠٦- پوءِ ڇا توکي يقين نہ آهي تہ جيڪڏهن اسان انهن کي سالن تائين فائدو پهچائيندا وڃون ها.

ثُمَّ جَآءَهُمْ مَّا كَانُوْا يُوْعَدُوْنَ ﴿٢٠٧﴾

٢٠٧- پوءِ انهن وٽ اهو (عذاب) اچي وڃي ها جنهن جو انهن سان واعدو ڪيو وڃي ٿو.

مَآ اَغْنٰى عَنْهُمْ مَّا كَانُوْا يُمَتَّعُوْنَ ﴿٢٠٨﴾

٢٠٨- تہ جيڪي ڪي انهن کي ڏنو ويو آهي اهو انهن کي هن (عذاب) کان ٽاري نٿي سگهيو.

وَمَآ اَهْلَكْنَا مِنْ قَرْيَةٍ اِلَّا لَهَا مُنْذِرُوْنَ ﴿٢٠٩﴾

٢٠٩- ۽ اسان ڪنهن ڳوٺ کي سواءِ انهيءَ جي جو انهن ڏانهن نبي موڪليا هجن تباهہ نہ ڪيو آهي.

معانقة ٩ عند المتقدمين

ذِكْرٰى ۛ وَمَا كُنَّا ظٰلِمِيْنَ ﴿٢١٠﴾

٢١٠- هيءَ انهيءَ لاءِ ڪيو ويو تہ انهن کي نصيحت پهچي وڃي ۽ اسان ظالم نہ آهيون.

وَمَا تَنَزَّلَتْ بِهِ الشَّيٰطِيْنُ ﴿٢١١﴾

٢١١- ۽ شيطان هن (قرآن) کي کڻي نہ لٿا آهن.

وَمَا يَنْۢبَغِيْ لَهُمْ وَمَا يَسْتَطِيْعُوْنَ ﴿٢١٢﴾

٢١٢- ۽ نہ هي ڪم انهن جي حال مطابق هو ۽ نہ اهي هن جي طاقت رکندا هئا.

اِنَّهُمْ عَنِ السَّمْعِ لَمَعْزُوْلُوْنَ ﴿٢١٣﴾

٢١٣- اهي يقينن (ڪلام الاهي جي) ٻڌڻ کان پري رکيا ويا آهن.

فَلَا تَدْعُ مَعَ اللّٰهِ اِلٰهًا اٰخَرَ فَتَكُوْنَ مِنَ الْمُعَذَّبِيْنَ ﴿٢١٤﴾

٢١٤- پوءِ تون الله سان گڏ ڪنهن ٻئي معبود کي نہ پڪار، نہ تہ تون عذاب ۾ مبتلا ماڻهن مان ٿي ويندين.

وَاَنْذِرْ عَشِيْرَتَكَ الْاَقْرَبِيْنَ ﴿٢١٥﴾

٢١٥- ۽ تون (سڀني کان پهرين) پنهن جي

سيني کان ويجهي مائٽن کي ڊيڄار.

وَاخْفِضْ جَنَاحَكَ لِمَنِ اتَّبَعَكَ مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿٢١٥﴾

٢١٦. ۽ جيڪي تو وٽ مومن ٿي اچن انهن لاءِ محبت جون ٻانهون جهڪاءِ.

فَإِنْ عَصَوْكَ فَقُلْ إِنِّيْ بَرِيْٓءٌ مِّمَّا تَعْمَلُوْنَ ﴿٢١٦﴾

٢١٧. پوءِ جيڪڏهن ڪنهن وقت اهي تنهن جي نافرماني ڪري ويهن، تون چئُ تہ مان توهانجي عمل کان بيزار آهيان.

وَ تَوَكَّلْ عَلَى الْعَزِيْزِ الرَّحِيْمِ ﴿٢١٧﴾

٢١٨. ۽ غالب (۽) بار بار ڪرم ڪرڻ واري هستيءَ تي توڪل ڪر.

الَّذِيْ يَرٰىكَ حِيْنَ تَقُوْمُ ﴿٢١٨﴾

٢١٩. جيڪو توکي هن وقت بہ ڏسيٿو جڏهين تون (اڪيليو نماز جي لاءِ) بيهندو آهين.

وَ تَقَلُّبَكَ فِي السّٰجِدِيْنَ ﴿٢١٩﴾

٢٢٠. ۽ انهيءَ وقت بہ جڏهين تون (نماز باجماعت جي لاءِ) سجدي ڪرڻ واري جماعت ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڦرندو رهندو آهين.

إِنَّهٗ هُوَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ ﴿٢٢٠﴾

٢٢١. يقينن اهو (خدائي) ڏاڍو ٻڌڻ وارو ۽ ڏاڍو ڄاڻڻ وارو آهي.

هَلْ أُنَبِّئُكُمْ عَلٰى مَنْ تَنَزَّلُ الشَّيٰطِيْنُ ﴿٢٢١﴾

٢٢٢. ڇا مان توکي ٻڌايان تہ شيطان ڪنهن تي لهندا آهن؟

تَنَزَّلُ عَلٰى كُلِّ أَفَّاكٍ أَثِيْمٍ ﴿٢٢٢﴾

٢٢٣. (شيطان) هر ڪنهن ڪوڙي گنهگار تي لهندا آهن.

يُّلْقُوْنَ السَّمْعَ وَ أَكْثَرُهُمْ كٰذِبُوْنَ ﴿٢٢٣﴾

٢٢٤. اهي پنهنجا ڪن (آسمان ڏانهن) لڳائيندا آهن ۽ انهن مان اڪثر ڪوڙا هوندا آهن.

وَ الشُّعَرَآءُ يَتَّبِعُهُمُ الْغَاوٗنَ ﴿٢٢٤﴾

٢٢٥. ۽ شاعرن جي جماعت اهڙي هوندي آهي جو انهن جي پٺيان هلڻ وارا گمراهہ هوندا آهن.

أَلَمْ تَرَ أَنَّهُمْ فِيْ كُلِّ وَادٍ يَّهِيْمُوْنَ ﴿٢٢٥﴾

٢٢٦. (اي مخاطب) ڇا تنهنجي سمجهہ ۾ (اجا تائين) نہ ٿو اچي تہ اهي (شاعر) تہ

وَاَنَّهُمْ يَقُوْلُوْنَ مَا لَا يَفْعَلُوْنَ ﴿٢٢٦﴾

اِلَّا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ وَذَكَرُوا اللّٰهَ
كَثِيْرًا وَّانْتَصَرُوْا مِنْۢ بَعْدِ مَا ظُلِمُوْا ؕ وَسَيَعْلَمُ
الَّذِيْنَ ظَلَمُوْٓا اَيَّ مُنْقَلَبٍ يَّنْقَلِبُوْنَ ﴿٢٢٧﴾ ع ١١ ١٥

هر ڪنهن واديءَ ۾ حيران ڦرندا رهندا آهن.

٢٢٧- ۽ اهي اهڙيون ڳالهيون چوندا آهن، جيڪي ڪندا نہ آهن.

٢٢٨- سواءِ (شاعرن مان) مومنن ۽ نيڪ عمل ڪرڻ وارن جي ۽ انهن جي جيڪي الله جو (پنهنجي شعرن ۾) ڪثرت سان ذڪر ڪندا آهن ۽ (جيڪڏهن هجو ڪندا آهن تہ شروعات نہ ڪندا آهن بلڪ) مظلوم هجڻ ڪانپوءِ (جائز) بدلو وٺندا آهن ۽ اهي ماڻهو جيڪي ظالم آهن ضرور ڄاڻندا تہ ڪهڙي جڳهہ ڏانهن هنن کي موٽي وڃڻو پوندو.

## سُوْرَةُ النَّمْلِ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ مَعَ الْبَسْمَلَةِ اَرْبَعٌ وَّتِسْعُوْنَ اٰيَةً وَّسَبْعَةُ رُكُوْعَاتٍ

سورت نمل ـ هيءَ سورت مڪي آهي ۽ بسم الله سميت هن جون چورانوي آيتون ۽ ست رڪوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ①

١ـ (مان) الله جو نالو وٺي جيڪو بيحد ڪرم ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي (پڙهانئو)

طٰسٓ تِلْكَ اٰيٰتُ الْقُرْاٰنِ وَكِتَابٍ مُّبِيْنٍ ②

٢ـ طاهر (۽) سميع (يعني پاڪ ۽ دعائن جي ٻڌڻ وارو خدا هن سورت جي نازل ڪرڻ وارو آهي) هن جون آيتون قرآن ۽ دليلي ڪتاب جو حصو آهن.

هُدًى وَّبُشْرٰى لِلْمُؤْمِنِيْنَ ③

٣ـ (جيڪي) مومنن جي لاءِ هدايت ۽ بشارت (جو سبب) آهن.

الَّذِيْنَ يُقِيْمُوْنَ الصَّلٰوةَ وَيُؤْتُوْنَ الزَّكٰوةَ وَهُمْ بِالْاٰخِرَةِ هُمْ يُوْقِنُوْنَ ④

٤ـ (اهڙا مومن) جيڪي نماز با جماعت ادا ڪن ٿا ۽ زڪوات ادا ڪندا رهن ٿا ۽ آخرت تي (۽ بعد ۾ اچڻ وارين موعود ڳالهين تي) يقين رکن ٿا.

اِنَّ الَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ بِالْاٰخِرَةِ زَيَّنَّا لَهُمْ اَعْمَالَهُمْ فَهُمْ يَعْمَهُوْنَ ⑤

٥ـ اهي ماڻهو جيڪي آخرت تي ايمان نٿا آڻين اسان انهن جي عملن کي انهن جي لاءِ خوبصورت ڪري ڏيکاريو آهي پوءِ اهي حيران ڦرن ٿا.

اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ لَهُمْ سُوْٓءُ الْعَذَابِ وَهُمْ فِي الْاٰخِرَةِ هُمُ الْاَخْسَرُوْنَ ⑥

٦ـ انهن جي لاءِ دردناڪ عذاب هوندو ۽ اهي آخرت ۾ سڀني کان وڌيڪ نقصان پائڻ وارا هوندا.

وَاِنَّكَ لَتُلَقَّى الْقُرْاٰنَ مِنْ لَّدُنْ حَكِيْمٍ عَلِيْمٍ ⑦

٧ـ ۽ توکي يقينن قرآن انهيءَ (هستيءَ) جي طرفان ملي رهيو آهي جيڪا ڏاڍو حڪمت واري (۽) ڏاڍي ڄاڻڻ واري آهي.

اِذْ قَالَ مُوْسٰى لِاَهْلِهٖٓ اِنِّيْٓ اٰنَسْتُ نَارًا سَاٰتِيْكُمْ

٨ـ (ياد ڪيو) جڏهن موسيٰ پنهن جي

مِّنْهَا بِخَبَرٍ اَوْ اٰتِيْكُمْ بِشِهَابٍ قَبَسٍ لَّعَلَّكُمْ تَصْطَلُوْنَ ⑧

ڪنب ڪي چيو تہ مون هڪ باهہ ڏٺي آهي. مان يقينن توهانوٽ انهيءَ (باهہ) وٽان ڪا (عاليشان) خبر آڻيندس يا توهانوٽ هڪ چمڪندڙ ٽانڊو آڻيندس تہ توهان پاڻ سيڪيو.

فَلَمَّا جَآءَهَا نُوْدِيَ اَنْۢ بُوْرِكَ مَنْ فِي النَّارِ وَمَنْ حَوْلَهَا ۗ وَسُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ⑨

٩- پوءِ هو جڏهن انهيءَ (باهہ) وٽ آيو تہ هن کي آواز ڏنو ويو تہ جيڪي ڪي باهہ ۾ آهي ۽ جيڪي انهيءَ جي چوڌاري آهي انهيءَ کي برڪت ڏني وئي آهي ۽ الله رب العالمين پاڪ آهي.

يٰمُوْسٰٓى اِنَّهٗٓ اَنَا اللّٰهُ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ⑩

١٠- اي موسيٰ ! ڳالهہ هيءَ آهي تہ مان الله آهيان. ۽ غالب (۽) حڪمت وارو آهيان.

وَاَلْقِ عَصَاكَ ۗ فَلَمَّا رَاٰهَا تَهْتَزُّ كَاَنَّهَا جَآنٌّ وَّلّٰى مُدْبِرًا وَّلَمْ يُعَقِّبْ ۗ يٰمُوْسٰى لَا تَخَفْ ۗ اِنِّيْ لَا يَخَافُ لَدَيَّ الْمُرْسَلُوْنَ ⑪

١١- تون پنهن جي لٺ اڇلاءِ ۽ جڏهن هن انهيءَ (لٺ) کي ڏٺو تہ اهي چري رهي آهي جڻ تہ اهو ننڍڙو نانگ آهي تہ هو پٺي ڦيرائي ڀڳو ۽ پوئتي مڙي نہ ڏٺائين (تڏهن اسان چيو) اي موسيٰ! ڊڄ نہ مان اهو آهيان جو رسول منهن جي حضور ۾ ڊڄندا نہ آهن.

اِلَّا مَنْ ظَلَمَ ثُمَّ بَدَّلَ حُسْنًۢا بَعْدَ سُوْٓءٍ فَاِنِّيْ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ⑫

١٢- پر جنهن ظلم ڪيو - پر پوءِ انهيءَ ظلم کي ڇڏي نيڪي اختيار ڪئي، مان (انهيءَ جي لاءِ) ڏاڍو بخشڻ وارو (۽) بار بار ڪرم ڪرڻ وارو آهيان.

وَاَدْخِلْ يَدَكَ فِيْ جَيْبِكَ تَخْرُجْ بَيْضَآءَ مِنْ غَيْرِ سُوْٓءٍ ۗ فِيْ تِسْعِ اٰيٰتٍ اِلٰى فِرْعَوْنَ وَقَوْمِهٖ ۗ اِنَّهُمْ كَانُوْا قَوْمًا فٰسِقِيْنَ ⑬

١٣- ۽ تون پنهن جو هٿ پنهنجي گريبان ۾ وجهہ اهو سواءِ ڪنهن بيماريءَ جي اڇو نڪرندو. اهو انهن نون نشانن مان آهي جيڪي فرعون ۽ انهيءَ جي قوم ڏانهن موڪلڻ وارا آهن اها اطاعت کان نڪري وڃڻ واري قوم آهي.

فَلَمَّا جَآءَتْهُمْ اٰيٰتُنَا مُبْصِرَةً قَالُوْا هٰذَا سِحْرٌ مُّبِيْنٌ ⑭

١٤- پوءِ جڏهن انهن وٽ اسانجا نشان جيڪي اکيون کولي ڇڏڻ وارا هئا آيا تہ انهن

چيو هيءَ تہ هڪ ظاهر ظهور جادو آهي.

وَجَحَدُوْا بِهَا وَاسْتَيْقَنَتْهَآ اَنْفُسُهُمْ ظُلْمًا وَّعُلُوًّا ۗ فَانْظُرْ كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الْمُفْسِدِيْنَ ﴿١٥﴾

١٥- ۽ انهن اصرار سان ظلم ۽ تڪبر ڪندي انهن (نشانن) جو انڪار ڪيو حالانڪ انهن جون دليون انهن تي يقين آڻي چڪيون هيون پوءِ ڏس تہ فساد ڪرڻ وارن جي پڇاڙي ڪهڙي ٿيندي آهي.

وَلَقَدْ اٰتَيْنَا دَاوٗدَ وَسُلَيْمٰنَ عِلْمًا ۚ وَقَالَا الْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْ فَضَّلَنَا عَلٰى كَثِيْرٍ مِّنْ عِبَادِهِ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿١٦﴾

١٦- ۽ اسان دائود ۽ سليمان کي علم عطا ڪيو ۽ ٻنهي چيو. الله ئي سموري تعريف جو مالڪ آهي جنهن اسانکي پنهن جي ڪيترن ئي مؤمن ٻانهن تي فضيلت ڏني آهي.

وَوَرِثَ سُلَيْمٰنُ دَاوٗدَ وَقَالَ يٰٓاَيُّهَا النَّاسُ عُلِّمْنَا مَنْطِقَ الطَّيْرِ وَاُوْتِيْنَا مِنْ كُلِّ شَيْءٍ ۗ اِنَّ هٰذَا لَهُوَ الْفَضْلُ الْمُبِيْنُ ﴿١٧﴾

١٧- ۽ سليمان دائود جو وارث بڻيو ۽ انهيءَ چيو اي انسانو! اسانکي پکين جي زبان سيکاري ويئي آهي ۽ هر ڪا ضروري شيءِ (يعني تعليم) اسانکي ڏني ويئي آهي اهو ظاهر ظهور فضل آهي.

وَحُشِرَ لِسُلَيْمٰنَ جُنُوْدُهٗ مِنَ الْجِنِّ وَالْاِنْسِ وَالطَّيْرِ فَهُمْ يُوْزَعُوْنَ ﴿١٨﴾

١٨- ۽ (هڪ دفعي) سليمان جي اڳيان جنن ۽ انسانن ۽ پکين مان انهن جا لشڪر ترتيبوار گڏ ڪيا ويا (پوءِ انهن کي ڪوچ جو حڪم مليو).

حَتّٰىٓ اِذَآ اَتَوْا عَلٰى وَادِ النَّمْلِ ۙ قَالَتْ نَمْلَةٌ يّٰٓاَيُّهَا النَّمْلُ ادْخُلُوْا مَسٰكِنَكُمْ ۚ لَا يَحْطِمَنَّكُمْ سُلَيْمٰنُ وَجُنُوْدُهٗ ۙ وَهُمْ لَا يَشْعُرُوْنَ ﴿١٩﴾

١٩- ايستائين جو جڏهين اهي نمل جي واديءَ ۾ پهتا تہ نملہ قوم مان هڪ شخص چيو، اي نملہ قوم پنهن جي پنهنجي گهرن ۾ هليا وڃو. ائين نہ ٿئي جو سليمان ۽ انهيءَ جا لشڪر (توهانجي حالتن کي) نہ ڄاڻندي، توهانکي پيرن جي هيٺان چيڀاڻي ڇڏين.

فَتَبَسَّمَ ضَاحِكًا مِّنْ قَوْلِهَا وَقَالَ رَبِّ اَوْزِعْنِيْٓ اَنْ اَشْكُرَ نِعْمَتَكَ الَّتِيْٓ اَنْعَمْتَ عَلَيَّ وَعَلٰى وَالِدَيَّ وَاَنْ اَعْمَلَ صَالِحًا تَرْضٰىهُ وَاَدْخِلْنِيْ بِرَحْمَتِكَ فِيْ عِبَادِكَ الصّٰلِحِيْنَ ﴿٢٠﴾

٢٠- پوءِ سليمان انهن جي ڳالهہ ٻڌي کلي ڏنو ۽ چيائين اي منهنجا رب ! مونکي توفيق ڏي جو تنهن جي نعمت جو جيڪا تو مونتي ۽ منهن جي والد تي ڪئي آهي شڪر ادا ڪري سگهان ۽ اهڙو مناسب عمل ڪيان

جنهن کي تون پسند فرمائين ۽ (اي خدا) پنهن جي رحم سان تون مونکي پنهن جي بزرگ ٻانهن ۾ داخل ڪر.

وَ تَفَقَّدَ الطَّيْرَ فَقَالَ مَالِيَ لَآ اَرَى الْهُدْهُدَ ۖ اَمْ كَانَ مِنَ الْغَآئِبِيْنَ ﴿٢١﴾

٢١. ۽ هن سڀني پکين جي حاضري ورتي - پوءِ چيائين مونکي ڇا ٿيو آهي جو مان هد هد کي ڪونه ٿو ڏسان يا اهو (ڄاڻي ٻجهي) غير حاضر آهي.

لَاُعَذِّبَنَّهٗ عَذَابًا شَدِيْدًا اَوْ لَاَاذْبَحَنَّهٗۤ اَوْ لَيَاْتِيَنِّيْ بِسُلْطٰنٍ مُّبِيْنٍ ﴿٢٢﴾

٢٢. مان انهيءَ کي يقينن سخت سزا ڏيندس، يا انهيءَ کي قتل ڪري ڇڏيندس يا اهو منهن جي اڳيان ڪو ڪليل دليل (پنهن جي غير حاضريءَ جو) پيش ڪندو.

فَمَكَثَ غَيْرَ بَعِيْدٍ فَقَالَ اَحَطْتُّ بِمَا لَمْ تُحِطْ بِهٖ وَجِئْتُكَ مِنْ سَبَاٍۢ بِنَبَاٍ يَّقِيْنٍ ﴿٢٣﴾

٢٣. پوءِ ٿورڙي دير هو ترسيو (ايتري ۾ هد هد حاضر ٿيو) ۽ انهيءَ چيو تہ مون انهيءَ ڳالهہ جو علم حاصل ڪيو آهي جيڪو توکي حاصل نہ آهي ۽ مان سبا (جي قوم جي علائقي) کان تو وٽ (آيو آهيان) (۽) هڪ يقيني خبر آندي اٿم.

اِنِّيْ وَجَدْتُّ امْرَاَةً تَمْلِكُهُمْ وَاُوْتِيَتْ مِنْ كُلِّ شَيْءٍ وَّلَهَا عَرْشٌ عَظِيْمٌ ﴿٢٤﴾

٢٤. (جيڪا هيءَ آهي تہ) مان (اتي) هڪ عورت کي ڏٺو جيڪا انهن (جي سڄي قوم) تي حڪومت ڪري رهي آهي ۽ هر نعمت انهيءَ کي حاصل آهي ۽ انهيءَ جو هڪ وڏو تخت آهي.

وَجَدْتُّهَا وَقَوْمَهَا يَسْجُدُوْنَ لِلشَّمْسِ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ وَزَيَّنَ لَهُمُ الشَّيْطٰنُ اَعْمَالَهُمْ فَصَدَّهُمْ عَنِ السَّبِيْلِ فَهُمْ لَا يَهْتَدُوْنَ ﴿٢٥﴾

٢٥. ۽ مون انهيءَ کي ۽ انهيءَ جي قوم کي الله کانسواءِ سج جي اڳيان سجدو ڪندي ڏٺو ۽ شيطان انهن جا عمل انهن کي سهڻا ڪري ڏيکاريا آهن ۽ انهن کي سچي رستي کان روڪي ڇڏيو آهي، جنهن جي سببان اهي هدايت نٿا حاصل ڪن.

اَلَّا يَسْجُدُوْا لِلّٰهِ الَّذِيْ يُخْرِجُ الْخَبْءَ فِي السَّمٰوٰتِ

٢٦. ۽ ازبل آهن تہ الله کي سجدو نہ ڪن جيڪو آسمانن ۽ زمين جي ڳجهي تقدير کي

وَالْاَرْضِ وَيَعْلَمُ مَا تُخْفُوْنَ وَمَا تُعْلِنُوْنَ ﴿٢٥﴾

ظاهر ڪريٿو ۽ جيڪي ڪي توهان لڪايو ۽ ظاهر ڪيو ٿا انهن تدبيرن ڪي بہ ڄاڻيٿو.

اَللّٰهُ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ رَبُّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ ﴿٢٦﴾ السجدة

٢٧- (حالانڪ) الله اهو آهي جنهن ڪانسواءِ ڪوبہ معبود ڪونهي (هو) هڪ وڏي تخت جو مالڪ آهي.

قَالَ سَنَنْظُرُ اَصَدَقْتَ اَمْ كُنْتَ مِنَ الْكٰذِبِيْنَ ﴿٢٧﴾

٢٨- (انهيءَ تي سليمان) چيو تہ اسان ڏسنداسين تہ تو سچ ڳالهايو آهي يا تون ڪوڙن مان آهين.

اِذْهَبْ بِّكِتٰبِيْ هٰذَا فَاَلْقِهْ اِلَيْهِمْ ثُمَّ تَوَلَّ عَنْهُمْ فَانْظُرْ مَاذَا يَرْجِعُوْنَ ﴿٢٨﴾

٢٩- تون هيءُ منهن جو خط کڻي وڃ ۽ انهيءَ کي (يعني سبا جي قوم جي) سامهون اڇلي ڇڏ پوءِ (ادب سان) پوئتي هٽي (بيهي) رهہ ۽ ڏس تہ اهي ڪهڙو جواب ڏين ٿا.

قَالَتْ يٰۤاَيُّهَا الْمَلَؤُا اِنِّيْٓ اُلْقِيَ اِلَيَّ كِتٰبٌ كَرِيْمٌ ﴿٢٩﴾

٣٠- (جڏهين انهيءَ اٿين ڪيو) تہ انهيءَ (راڻيءَ) چيو - اي منهنجا درٻاريو! منهن جي سامهون هڪ معزز خط رکيو ويو آهي.

اِنَّهٗ مِنْ سُلَيْمٰنَ وَاِنَّهٗ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ﴿٣٠﴾

٣١- (جنهن جو مضمون هيءَ آهي) هيءَ خط سليمان جي طرفان آهي ۽ انهيءَ ۾ بڌايو ويو آهي تہ الله جيڪو بي انتها رحم ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي انهيءَ جي نالي سان اسان شروع ڪيون ٿا.

اَلَّا تَعْلُوْا عَلَيَّ وَاْتُوْنِيْ مُسْلِمِيْنَ ﴿٣١﴾ ع ٢

٣٢- (۽ چون ٿا) تہ اسانتي زيادتي نہ ڪيو ۽ اسانجي حضور ۾ فرمانبردار بنجي حاضر ٿي وڃو.

قَالَتْ يٰۤاَيُّهَا الْمَلَؤُا اَفْتُوْنِيْ فِيْٓ اَمْرِيْ مَا كُنْتُ قَاطِعَةً اَمْرًا حَتّٰى تَشْهَدُوْنِ ﴿٣٢﴾

٣٣- پوءِ انهيءَ (راڻيءَ) چيو اي سردارو! منهن جي معاملي ۾ پنهن جي پختي راءِ ڏيو. جو جو مان ڪڏهين ڪوبہ فيصلو نٿي ڪريان جيستائين توهان مون وٽ حاضر ٿي (۽ مشورو نٿا ڏيو).

قَالُوْا نَحْنُ اُولُوْا قُوَّةٍ وَّاُولُوْا بَاْسٍ شَدِيْدٍ ەۙ وَّ

٣٤- (درٻارين) چيو اسان وڏي طاقت وارا آهيون ۽ ڏاڍا جنگجو آهيون ۽ (آخري)

الْاَمْرُ اِلَيْكِ فَانْظُرِىْ مَاذَا تَاْمُرِيْنَ ﴿٣٤﴾

معاملو. توهان جي هٿ ۾ آهي پوءِ غور ڪيو ته توهان ڇا حڪم ڏيڻ چاهيو ٿا (اسان انهيءَ جي تابعداري ڪنداسين).

قَالَتْ اِنَّ الْمُلُوْكَ اِذَا دَخَلُوْا قَرْيَةً اَفْسَدُوْهَا وَجَعَلُوْٓا اَعِزَّةَ اَهْلِهَآ اَذِلَّةً ۚ وَكَذٰلِكَ يَفْعَلُوْنَ ﴿٣٥﴾

٣٥. انهيءَ چيو ته جڏهن بادشاهه ڪنهن ملڪ ۾ داخل ٿيندا آهن ته انهيءَ کي تباهه ڪري ڇڏيندا آهن ۽ انهيءَ جي رهاڪن مان عزت وارن ماڻهن کي ذليل ڪندا آهن ۽ اهي ائين ڪندا آيا آهن.

وَاِنِّيْ مُرْسِلَةٌ اِلَيْهِمْ بِهَدِيَّةٍ فَنٰظِرَةٌ ۢبِمَ يَرْجِعُ الْمُرْسَلُوْنَ ﴿٣٦﴾

٣٦. ۽ (مون فيصلو ڪيو آهي ته) مان انهن ڏانهن هڪ تحفو موڪليندس . پوءِ ڏسندس ته منهنجا ايلچي ڪهڙو جواب وٺي واپس اچن ٿا .

فَلَمَّا جَآءَ سُلَيْمٰنَ قَالَ اَتُمِدُّوْنَنِ بِمَالٍ ۫ فَمَآ اٰتٰىنِۦَ اللّٰهُ خَيْرٌ مِّمَّآ اٰتٰىكُمْ ۚ بَلْ اَنْتُمْ بِهَدِيَّتِكُمْ تَفْرَحُوْنَ ﴿٣٧﴾

٣٧. پوءِ جڏهن اهو تحفو سليمان جي اڳيان آڻي رکيو ويو ته انهيءَ چيو ڇا توهان مال جي ذريعي منهنجي مدد ڪرڻ چاهيو ٿا (جيڪڏهن اها ڳالهه آهي ته ياد رکو ته) الله جيڪي ڪجهه مونکي ڏنو آهي اهو انهيءَ کان گهڻو بهتر آهي جيڪي توهانکي ڏنو آهي ۽ (معلوم ٿئي ٿو ته) توهان پنهن جي تحفي تي ڏاڍو ناز ڪرڻ وارا آهيو.

اِرْجِعْ اِلَيْهِمْ فَلَنَاْتِيَنَّهُمْ بِجُنُوْدٍ لَّا قِبَلَ لَهُمْ بِهَا وَلَنُخْرِجَنَّهُمْ مِّنْهَآ اَذِلَّةً وَّهُمْ صٰغِرُوْنَ ﴿٣٨﴾

٣٨. (اي هد هد) تون انهن ڏانهن موٽي وڃ ۽ (انهن کي چئو ته) مان هڪ وڏي لشڪر سان انهن وٽ ايندس اهڙو لشڪر جو انهيءَ جي مقابلي جي انهن کي طاقت نه هوندي ۽ مان انهن کي انهيءَ (ملڪ) مان (فتح ڪرڻ کانپوءِ) اهڙي حالت ۾ ڪڍي ڇڏيندس جو (اهي بادشاهت جي) عزت وڃائي ويٺا هوندا.

قَالَ يٰٓاَيُّهَا الْمَلَؤُا اَيُّكُمْ يَاْتِيْنِيْ بِعَرْشِهَا قَبْلَ اَنْ

٣٩. (انهيءَ کانپوءِ) انهيءَ (پنهن جن درٻارين کي مخاطب ٿي) چيو اي درٻاريو !

يَأْتُوْنِيْ مُسْلِمِيْنَ ﴿٣٩﴾

توهان مان ڪير انهيءَ جي تخت کي مون وٽ ڪڻي ايندو. انهيءَ کان پهرين جو اهي (ماڻهو) فرمانبردار ٿي منهن جي خدمت ۾ حاضر ٿين.

قَالَ عِفْرِيْتٌ مِّنَ الْجِنِّ اَنَا اٰتِيْكَ بِهٖ قَبْلَ اَنْ تَقُوْمَ مِنْ مَّقَامِكَ ۚ وَاِنِّيْ عَلَيْهِ لَقَوِيٌّ اَمِيْنٌ ﴿٤٠﴾

٤٠. (پهاڙي قومن مان) هڪ سرڪش سردار چيو. اوهانجي (هن) جڳهه تان وڃڻ کان پهرين اهو (تخت) ڪڻي ايندس ۽ مان انهيءَ ڳالهه تي وڏي قدرت رکڻ وارو (۽) امانت وارو آهيان.

قَالَ الَّذِيْ عِنْدَهٗ عِلْمٌ مِّنَ الْكِتٰبِ اَنَا اٰتِيْكَ بِهٖ قَبْلَ اَنْ يَّرْتَدَّ اِلَيْكَ طَرْفُكَ ۚ فَلَمَّا رَاٰهُ مُسْتَقِرًّا عِنْدَهٗ قَالَ هٰذَا مِنْ فَضْلِ رَبِّيْ ۖ لِيَبْلُوَنِيْٓ ءَاَشْكُرُ اَمْ اَكْفُرُ ۖ وَمَنْ شَكَرَ فَاِنَّمَا يَشْكُرُ لِنَفْسِهٖ ۚ وَمَنْ كَفَرَ فَاِنَّ رَبِّيْ غَنِيٌّ كَرِيْمٌ ﴿٤١﴾

٤١. (انهي تي) انهيءَ شخص جنهن کي (انهي) ڪتاب جو علم حاصل هو چيو ته مان تو وٽ انهيءَ (تخت) کي تنهن جي اک ڇنڀڻ کان پهرين ڪڻي ايندس پوءِ جڏهين (سليمان) انهيءَ کي پر ۾ رکيل ڏٺو ته انهيءَ چيو، هيءُ منهنجي رب جي فضل جي سببان ٿيو آهي انهيءَ لاءِ ته اهو مونکي آزمائي ته مان شڪر ڪيان ٿو يا بي شڪري ڪيانٿو ۽ جيڪو شڪر ڪري اهو پنهن جي جان جي فائدي لاءِ ائين ڪري ٿو ۽ جيڪو بي شڪري ڪري ته يقينن منهن جو رب بي نياز (۽) وڏي سخاوت ڪرڻ وارو آهي.

قَالَ نَكِّرُوْا لَهَا عَرْشَهَا نَنْظُرْ اَتَهْتَدِيْٓ اَمْ تَكُوْنُ مِنَ الَّذِيْنَ لَا يَهْتَدُوْنَ ﴿٤٢﴾

٤٢. (پوءِ) انهيءَ چيو هن (راڻيءَ) جي لاءِ انهيءَ جو تخت حقير ڪري ڏيکاريو (اسان ڏسنداسين ته) ڇا اها هدايت حاصل ڪري ٿي يا انهن ماڻهن مان بڻجي ٿي جيڪي هدايت حاصل نٿا ڪن.

فَلَمَّا جَآءَتْ قِيْلَ اَهٰكَذَا عَرْشُكِ ۚ قَالَتْ كَاَنَّهٗ هُوَ ۚ وَاُوْتِيْنَا الْعِلْمَ مِنْ قَبْلِهَا وَكُنَّا مُسْلِمِيْنَ ﴿٤٣﴾

٤٣. پوءِ جڏهين اها اچي وئي ته چيو ويو، ڇا تنهن جو تخت اهڙوئي آهي ؟ انهيءَ تي انهي چيو ته ائين معلوم ٿئي ٿو ته هيءَ

اهوئي آهي ۽ اسانکي هن کان پهرين ئي علم حاصل ٿي چڪو هو ۽ اسان (تنهنجا) فرمانبردار بنجي چڪا هئاسين.

وَصَدَّهَا مَا كَانَتْ تَّعْبُدُ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ ۭ اِنَّهَا كَانَتْ مِنْ قَوْمٍ كٰفِرِيْنَ ﴿٤٣﴾

٤٤. ۽ سليمان راڻيءَ کي الله کانسواءِ پوڄا ڪرڻ کان روڪيو. اها يقينن ڪافر قوم مان هئي.

قِيْلَ لَهَا ادْخُلِي الصَّرْحَ ۚ فَلَمَّا رَاَتْهُ حَسِبَتْهُ لُجَّةً وَّكَشَفَتْ عَنْ سَاقَيْهَا ۭ قَالَ اِنَّهٗ صَرْحٌ مُّمَرَّدٌ مِّنْ قَوَارِيْرَ ڛ قَالَتْ رَبِّ اِنِّىْ ظَلَمْتُ نَفْسِيْ وَاَسْلَمْتُ مَعَ سُلَيْمٰنَ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٤٤﴾

٤٥. ۽ انهيءَ کي چيو ويو تہ محل ۾ داخل ٿيءُ پوءِ جڏهين هن انهيءَ (محل) کي ڏٺو تہ ڪيس اونهون پاڻي سمجهيو ۽ گهبرائجي ويئي. تڏهين سليمان چيو هيءَ تہ محل آهي جنهن ۾ شيشي جا ٽڪرا لڳايا ويا آهن. تڏهين انهيءَ (راڻيءَ) چيو اي منهنجا رب! مون پنهن جي جان تي ظلم ڪيو ۽ مان سليمان سان گڏ رب العالمين خدا تي ايمان آڻيان ٿي.

وَلَقَدْ اَرْسَلْنَآ اِلٰى ثَمُوْدَ اَخَاهُمْ صٰلِحًا اَنِ اعْبُدُوا اللّٰهَ فَاِذَا هُمْ فَرِيْقٰنِ يَخْتَصِمُوْنَ ﴿٤٥﴾

٤٦. ۽ اسان ثمود ڏانهن سندن ڀاءُ صالح کي ضرور رسول بنائي موڪليو هو (هي چوندي تہ) الله جي عبادت ڪيو پوءِ اهي (ٻڌنديئي) ٻہ گروهہ ٿي ويا جيڪي پاڻ ۾ وڙهڻ لڳا.

قَالَ يٰقَوْمِ لِمَ تَسْتَعْجِلُوْنَ بِالسَّيِّئَةِ قَبْلَ الْحَسَنَةِ ۚ لَوْلَا تَسْتَغْفِرُوْنَ اللّٰهَ لَعَلَّكُمْ تُرْحَمُوْنَ ﴿٤٦﴾

٤٧. انهيءَ (صالح) چيو اي منهن جي قوم! توهان خوشحالي اچڻ کان پهرين بدحاليءَ لاءِ چو جلدي ڪريو ٿا؟ چا توهان خدا کان پنهن جن گناهن تي بخشش نٿا گهرو انهيءَ لاءِ تہ توهان تي رحم ڪيو وڃي.

قَالُوا اطَّيَّرْنَا بِكَ وَبِمَنْ مَّعَكَ ۭ قَالَ طٰۗىِٕرُكُمْ عِنْدَ اللّٰهِ بَلْ اَنْتُمْ قَوْمٌ تُفْتَنُوْنَ ﴿٤٧﴾

٤٨. انهن چيو (اي صالح) اسان (جيترو سوچيو آهي) توکي ۽ تنهن جن سائين کي نڀاڳو ئي ڏٺو آهي. صالح چيو توهانجي نڀاڳ جو سبب تہ الله وٽ آهي پر حقيقت هيءَ آهي تہ توهان هڪ اهڙي قوم آهيو

جنهن کي آزمائش ۾ وڌو ويو آهي.

وَ كَانَ فِي الْمَدِيْنَةِ تِسْعَةُ رَهْطٍ يُّفْسِدُوْنَ فِي الْاَرْضِ وَ لَا يُصْلِحُوْنَ ﴿٤٩﴾

۴۹- ۽ شهر ۾ نو ماڻهو هئا جيڪي ملڪ ۾ فساد ڪندا هئا ۽ اصلاح نہ ڪندا هئا.

قَالُوْا تَقَاسَمُوْا بِاللّٰهِ لَنُبَيِّتَنَّهٗ وَ اَهْلَهٗ ثُمَّ لَنَقُوْلَنَّ لِوَلِيِّهٖ مَا شَهِدْنَا مَهْلِكَ اَهْلِهٖ وَ اِنَّا لَصٰدِقُوْنَ ﴿٥٠﴾

٥٠- انهن چيو تہ توهان سڀيئي انهيءَ تي الله جو قسم کڻو تہ اسان هن ۽ هن جي گهر وارن تي رات جي وقت حملو ڪنداسين پوءِ جيڪو بہ هنجي خون جو مطالبو ڪرڻ ايندو. اسان انهيءَ کي چونداسين تہ اسان هن جي ڪٽنب جي تباهي (جي واقعي) کي نہ ڏٺو آهي ۽ اسان سچا آهيون.

وَ مَكَرُوْا مَكْرًا وَّ مَكَرْنَا مَكْرًا وَّ هُمْ لَا يَشْعُرُوْنَ ﴿٥١﴾

٥١- ۽ انهن هڪ تدبير ڪئي ۽ اسان بہ هڪ تدبير ڪئي ۽ اهي ڄاڻندا نہ هئا.

فَانْظُرْ كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ مَكْرِهِمْ ۙ اَنَّا دَمَّرْنٰهُمْ وَ قَوْمَهُمْ اَجْمَعِيْنَ ﴿٥٢﴾

٥٢- پوءِ ڏس تہ انهن جي تدبير جو نتيجو ڇا نڪتو. اسان انهن کي ۽ انهن جي قوم کي سڀني کي تباهہ ڪري رکيو.

فَتِلْكَ بُيُوْتُهُمْ خَاوِيَةًۢ بِمَا ظَلَمُوْا ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً لِّقَوْمٍ يَّعْلَمُوْنَ ﴿٥٣﴾

٥٣- پوءِ (ڏس) هي انهن جا گهر آهن جيڪي انهن جي ظلمن جي سببان ڪريل آهن هن ۾ علم واري قوم لاءِ وڏو نشان آهي.

وَ اَنْجَيْنَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ كَانُوْا يَتَّقُوْنَ ﴿٥٤﴾

٥٤- ۽ اسان انهن ماڻهن کي جن ايمان آندو ۽ تقويٰ ڪندا هئا ڇوٽڪارو ڏنو.

وَ لُوْطًا اِذْ قَالَ لِقَوْمِهٖۤ اَتَاْتُوْنَ الْفَاحِشَةَ وَ اَنْتُمْ تُبْصِرُوْنَ ﴿٥٥﴾

٥٥- ۽ (اسان) لوط کي (بہ رسول بنائي موڪليو) جڏهن انهيءَ پنهن جي قوم کي چيو توهان بديون ڪيو ٿا ۽ توهان ڏسندا رهندا آهيو.

اَئِنَّكُمْ لَتَاْتُوْنَ الرِّجَالَ شَهْوَةً مِّنْ دُوْنِ النِّسَآءِ ؕ بَلْ اَنْتُمْ قَوْمٌ تَجْهَلُوْنَ ﴿٥٦﴾

٥٦- ڇا توهان عورتن کي ڇڏي مردن وٽ شهوت جي نيت سان اچو ٿا حقيقت هيءَ آهي تہ توهان هڪ جاهل قوم آهيو.

فَمَا كَانَ جَوَابَ قَوْمِهٖۤ اِلَّاۤ اَنْ قَالُوْۤا اَخْرِجُوْۤا اٰلَ

٥٧- پوءِ انهيءَ جي قوم جو جواب صرف هيءَ هو تہ (اي انسانو) لوط جي خاندان کي

لُوۡطٍ مِّنۡ قَرۡيَتِكُمۡ ۚ اِنَّهُمۡ اُنَاسٌ يَّتَطَهَّرُوۡنَ ﴿٥٧﴾

پنهن جي شهر مان ڪڍي ڇڏيو. اهي اهڙا ماڻهو آهن جيڪي ڏاڍا ٻنجڻ چاهين ٿا.

فَاَنۡجَيۡنٰهُ وَاَهۡلَهٗۤ اِلَّا امۡرَاَتَهٗ ۫ قَدَّرۡنٰهَا مِنَ الۡغٰبِرِيۡنَ ﴿٥٨﴾

٥٨. نتيجو اهو ٿيو جو اسان انهيءَ (لوط) کي ۽ انهيءَ جي ڪٽنب جي ماڻهن کي سواءِ انهيءَ جي زال جي ڇوٽڪارو ڏنو. اسان انهيءَ (زال) کي پوئتي رهجي وڃڻ وارن ۾ ڳڻي ڇڏيو هو.

وَاَمۡطَرۡنَا عَلَيۡهِمۡ مَّطَرًا ۚ فَسَآءَ مَطَرُ الۡمُنۡذَرِيۡنَ ﴿٥٩﴾ ع ١٩

٥٩. ۽ اسان انهن تي هڪ مينهن وسايو ۽ جن کي عذاب جو پيغام پهچي چڪو هجي، انهن جو مينهن ڏاڍو برو هوندو آهي.

قُلِ الۡحَمۡدُ لِلّٰهِ وَسَلٰمٌ عَلٰى عِبَادِهِ الَّذِيۡنَ اصۡطَفٰى ؕ
آٰللّٰهُ خَيۡرٌ اَمَّا يُشۡرِكُوۡنَ ﴿٦٠﴾

٦٠. تون چؤ ته هر تعريف جو الله (ئي) لائق آهي ۽ انهيءَ جا اهي ٻانها جن کي انهيءَ چونڊيو هجي انهن تي سدائين سلامتي نازل ٿيندي آهي. ڇا الله بهتر آهي يا اهي شيون جنهن کي اهي (انهيءَ جو) شريڪ ٺهرائين ٿا.

اَمَّنۡ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضَ وَاَنۡزَلَ لَـكُمۡ مِّنَ
السَّمَآءِ مَآءً ۚ فَاَنۡۢبَتۡنَا بِهٖ حَدَآئِقَ ذَاتَ بَهۡجَةٍ ۚ
مَا كَانَ لَـكُمۡ اَنۡ تُنۡۢبِتُوۡا شَجَرَهَا ؕ ءَاِلٰـهٌ مَّعَ اللّٰهِ ؕ
بَلۡ هُمۡ قَوۡمٌ يَّعۡدِلُوۡنَ ﴿٦١﴾

٦١. (ٻڌايو ته) آسمانن ۽ زمين کي ڪنهن پيدا ڪيو آهي؟ ۽ (ڪنهن) توهان لاءِ ڪڪر مان پاڻي وسايو آهي پوءِ انهيءَ (پاڻيءَ) جي ذريعي اسان خوبصورت باغ پيدا ڪيا آهن توهان انهن باغن جا وڻ نٿي ڄمائي سگهيا. ڇا الله سان ڪو ٻيو معبود آهي؟ (جيڪو سڀ ڪائنات عالم جو انتظام ڪري رهيو آهي) پر هي (ڪافر) اهڙي قوم آهن جيڪي انهيءَ جا شريڪ بنائي رهيا آهن.

اَمَّنۡ جَعَلَ الۡاَرۡضَ قَرَارًا وَّجَعَلَ خِلٰلَهَاۤ اَنۡهٰرًا
وَّجَعَلَ لَهَا رَوَاسِىَ وَجَعَلَ بَيۡنَ الۡبَحۡرَيۡنِ حَاجِزًا ؕ
ءَاِلٰـهٌ مَّعَ اللّٰهِ ؕ بَلۡ اَكۡثَرُهُمۡ لَا يَعۡلَمُوۡنَ ﴿٦٢﴾

٦٢. (ٻڌايو ته) ڪنهن زمين کي رهڻ جي جاءِ بنايو آهي؟ ۽ انهيءَ جي وچ ۾ درياهه وهايا آهن ۽ انهيءَ جي (فائدي) لاءِ ڦهاڙ بنايا آهن ۽ ٻن سمنڊن جي وچ ۾ (جن مان

هڪ منو ۽ هڪ ڪارو هوندو آهي) هڪ روڪ بنائي آهي. ڇا الله ڪانسواءِ ڪو ٻيو معبود آهي؟ پر حقيقت هيءَ آهي تہ انهن مان اڪثر ڄاڻن نٿا.

اَمَّنْ يُّجِيْبُ الْمُضْطَرَّ اِذَا دَعَاهُ وَيَكْشِفُ السُّوْٓءَ وَيَجْعَلُكُمْ خُلَفَآءَ الْاَرْضِ ءَاِلٰهٌ مَّعَ اللّٰهِ قَلِيْلًا مَّا تَذَكَّرُوْنَ ﴿٦٢﴾

٦٣- (پڻ ٻڌايو تہ) ڪير ڪنهن لاچار جي دعا ٻڌيٿو. جڏهين اهو انهي (خدا) ڪان دعا گهريٿو ۽ (انهيءَ جي) تڪليف کي ٽاري ڇڏيٿو ۽ اهو توهان (دعا ڪرڻ وارن انسانن) کي (هڪ ڏينهن) سڄي زمين جو وارث بنائي ڇڏيندو. ڇا (انهيءَ قادر مطلق) الله ڪانسواءِ ڪو معبود آهي ؟ توهان بلڪل نصيحت حاصل نٿا ڪيو.

اَمَّنْ يَّهْدِيْكُمْ فِيْ ظُلُمٰتِ الْبَرِّ وَالْبَحْرِ وَمَنْ يُّرْسِلُ الرِّيٰحَ بُشْرًاۢ بَيْنَ يَدَيْ رَحْمَتِهٖ ءَاِلٰهٌ مَّعَ اللّٰهِ تَعٰلَى اللّٰهُ عَمَّا يُشْرِكُوْنَ ﴿٦٣﴾

٦٤- (ٻڌايو تہ) خشڪين ۽ سمنڊن جي مصيبتن ۾ ڪير توهانکي ڇوٽڪاري جي واٽ ڏيکاريٿو ۽ ڪير پنهن جي رحمت (يعني مينهن) کان پهرين خوشخبري لاءِ هوائن کي موڪليٿو ڇا الله ڪانسواءِ ڪو ٻيو معبود آهي. الله توهانجي شرڪ جي ڳالهين کان تمام اوچو آهي.

اَمَّنْ يَّبْدَؤُا الْخَلْقَ ثُمَّ يُعِيْدُهٗ وَمَنْ يَّرْزُقُكُمْ مِّنَ السَّمَآءِ وَالْاَرْضِ ءَاِلٰهٌ مَّعَ اللّٰهِ قُلْ هَاتُوْا بُرْهَانَكُمْ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿٦٤﴾

٦٥- (ٻڌايو تہ) اهو جيڪو پهريون دفعو پيدا ڪريٿو ۽ پوءِ (پيدائش جي) سلسلي کي جاري ڪريٿو ۽ جيڪو ڪڪرن ۽ زمين مان توهانکي رزق ڏئيٿو ڇا (انهيءَ قادر مطلق) الله ڪانسواءِ ڪو ٻيو معبود آهي؟ تون چؤ تہ جيڪڏهن توهان سچا آهيو تہ پنهن جو دليل پيش ڪيو (تہ انهيءَ جا مٽ پيا بہ آهن).

قُلْ لَّا يَعْلَمُ مَنْ فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ الْغَيْبَ اِلَّا اللّٰهُ وَمَا يَشْعُرُوْنَ اَيَّانَ يُبْعَثُوْنَ ﴿٦٥﴾

٦٦- (پوءِ تون) چؤ تہ آسمانن ۽ زمين ۾ جيڪا بہ مخلوق آهي خدا ڪانسواءِ (انهن مان ڪا) غيب کي نٿي ڄاڻي ۽ انهن مان

کو اهو بہ نٿو سمجهي تہ انهن کي ڪڏهين زندهہ ڪري اٿاريو ويندو.

بَلِ ادّٰرَكَ عِلْمُهُمْ فِى الْاٰخِرَةِ ۚ بَلْ هُمْ فِىْ شَكٍّ مِّنْهَا ۚ بَلْ هُمْ مِّنْهَا عَمُوْنَ ﴿٦٦﴾

٦٧. پر حقيقت هيءَ آهي تہ آخرت واري زندگيءَ جي باري ۾ انهن جو علم بلڪل ختم ٿي ويو آهي پر اهي انهيءَ جي باري ۾ شڪ ۾ پيل آهن پر اهي انهيءَ جي باري ۾ بلڪل انڌا آهن.

وَقَالَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا ءَاِذَا كُنَّا تُرٰبًا وَّاٰبَآؤُنَآ اَئِنَّا لَمُخْرَجُوْنَ ﴿٦٧﴾

٦٨. ۽ ڪافر چون ٿا تہ ڇا جڏهين اسان ۽ اسان جا ابا ڏاڏا مٽي ٿي ونداسين تہ ڇا اسان وري (زمين مان) زندهہ ڪري ڪڍيا ونداسين.

لَقَدْ وُعِدْنَا هٰذَا نَحْنُ وَاٰبَآؤُنَا مِنْ قَبْلُ ۙ اِنْ هٰذَآ اِلَّآ اَسَاطِيْرُ الْاَوَّلِيْنَ ﴿٦٨﴾

٦٩. اسان ۽ اساڃن ابن ڏاڏن سان هن ڪان پهرين اهڙوني واعدو ڪيو ويو هو. پر اهي صرف پهرين ماڻهن جون ڳالهيون آهن (جيڪي ڪڏهين بہ پوريون نٿيون ٿين).

قُلْ سِيْرُوْا فِى الْاَرْضِ فَانْظُرُوْا كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الْمُجْرِمِيْنَ ﴿٦٩﴾

٧٠. تون چئُ تہ زمين ۾ گهمو ۽ ڏسو تہ ڏوهارين جي پڇاڙي ڪهڙي ٿي هئي.

وَلَا تَحْزَنْ عَلَيْهِمْ وَلَا تَكُنْ فِىْ ضَيْقٍ مِّمَّا يَمْكُرُوْنَ ﴿٧٠﴾

٧١. ۽ تون انهن تي غم نہ ڪر ۽ انهن جي تدبيرن جي سببان تنگي محسوس نہ ڪر.

وَيَقُوْلُوْنَ مَتٰى هٰذَا الْوَعْدُ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿٧١﴾

٧٢. ۽ اهي چون ٿا جيڪڏهين توهان سچا آهيو تہ هي (عذاب جو) واعدو ڪڏهين پورو ٿيندو؟

قُلْ عَسٰٓى اَنْ يَّكُوْنَ رَدِفَ لَكُمْ بَعْضُ الَّذِىْ تَسْتَعْجِلُوْنَ ﴿٧٢﴾

٧٣. تون چئُ تہ ممڪن آهي تہ اهو (عذاب) جنهن لاءِ توهان جلدي ڪري رهيا آهيو انهيءَ جو ڪجهہ حصو توهانجي پٺيان پٺيان هليو ايندو هجي.

وَاِنَّ رَبَّكَ لَذُوْ فَضْلٍ عَلَى النَّاسِ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَهُمْ لَا يَشْكُرُوْنَ ﴿٧٣﴾

٧٤. ۽ تنهن جو رب ماڻهن تي فضل ڪرڻ وارو آهي. پر انهن مان اڪثر شڪر نٿا ڪن.

وَاِنَّ رَبَّكَ لَيَعْلَمُ مَا تُكِنُّ صُدُوْرُهُمْ وَمَا يُعْلِنُوْنَ ۝٧٥

٧٥. ۽ تنهن جو رب انهن شين کي بہ ڄاڻي ٿو جن کي انهن جا سينا لڪائي رهيا آهن ۽ جن کي اهي ظاهر ڪري رهيا آهن.

وَمَا مِنْ غَآئِبَةٍ فِي السَّمَآءِ وَالْاَرْضِ اِلَّا فِيْ كِتٰبٍ مُّبِيْنٍ ۝٧٦

٧٦. ۽ آسمانن ۽ زمين ۾ جيڪا بہ لڪل شيءِ آهي هڪ بيان ڪرڻ واري ڪتاب ۾ (محفوظ) آهي.

اِنَّ هٰذَا الْقُرْاٰنَ يَقُصُّ عَلٰى بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ اَكْثَرَ الَّذِيْ هُمْ فِيْهِ يَخْتَلِفُوْنَ ۝٧٧

٧٧. هي قرآن بني اسرائيل جي سامهون اڪثر اهي ڳالهيون ٻڌائي ٿو جن ۾ اهي اختلاف ڪري رهيا آهن.

وَاِنَّهٗ لَهُدًى وَّرَحْمَةٌ لِّلْمُؤْمِنِيْنَ ۝٧٨

٧٨. ۽ اهو بيشڪ مومنن جيلاءِ هدايت ۽ رحمت آهي.

اِنَّ رَبَّكَ يَقْضِيْ بَيْنَهُمْ بِحُكْمِهٖ ۚ وَهُوَ الْعَزِيْزُ الْعَلِيْمُ ۝٧٩

٧٩. تنهن جو رب انهن (بني اسرائيل) جي وچ ۾ پنهن جي حڪم (يعني قرآن) سان (سچو) فيصلو ڪريندو ۽ اهو غالب (۽) ڏاڍي وڏي علم وارو آهي.

فَتَوَكَّلْ عَلَى اللّٰهِ ۭ اِنَّكَ عَلَى الْحَقِّ الْمُبِيْنِ ۝٨٠

٨٠. پوءِ الله تي توڪل ڪر. تون يقينن هڪ دليل واري حق تي قائم آهين.

اِنَّكَ لَا تُسْمِعُ الْمَوْتٰى وَلَا تُسْمِعُ الصُّمَّ الدُّعَآءَ اِذَا وَلَّوْا مُدْبِرِيْنَ ۝٨١

٨١. تون هرگز مردن کي نٿو ٻڌائي سگهين ۽ نہ ٻوڙن کي ئي (پنهن جو) آواز ٻڌائي سگهين ٿو (خاص ڪري) جڏهين اهي پٺي ڦيرائي هليا وڃن ٿا.

وَمَآ اَنْتَ بِهٰدِى الْعُمْيِ عَنْ ضَلٰلَتِهِمْ ۭ اِنْ تُسْمِعُ اِلَّا مَنْ يُّؤْمِنُ بِاٰيٰتِنَا فَهُمْ مُّسْلِمُوْنَ ۝٨٢

٨٢. ۽ تون انڌن کي بہ انهن جي گمراهيءَ کان بچائي هدايت نٿو ڏيئي سگهين تون تہ صرف انهن کي ئي ٻڌائين ٿو جيڪي اسانجن آيتن تي ايمان آڻين ٿا ۽ اهي (عملن بہ) فرمانبردار هوندا آهن.

وَاِذَا وَقَعَ الْقَوْلُ عَلَيْهِمْ اَخْرَجْنَا لَهُمْ دَآبَّةً مِّنَ الْاَرْضِ تُكَلِّمُهُمْ ۙ اَنَّ النَّاسَ كَانُوْا بِاٰيٰتِنَا لَا يُوْقِنُوْنَ ۝٨٣ ع ٦

٨٣. ۽ جڏهين انهن جي تباهيءَ جي پيشڪوئي پوري ٿي ويندي تہ اسان انهن جي لاءِ زمين مان هڪ جيوڙو ڪڍنداسين جيڪو انهن کي زخمي ڪندو. انهيءَ ڪري جو ماڻهو اسانجن

السَّحَابِ ۭ صُنْعَ اللّٰهِ الَّذِيْٓ اَتْقَنَ كُلَّ شَيْءٍ ۭ اِنَّهٗ خَبِيْرٌۢ بِمَا تَفْعَلُوْنَ ۝٨٩

حالانڪ اهي ڪڪرن وانگر هلي رهيا آهن. هيءَ تہ الله جي جوڙ آهي جنهن هر شئي کي مضبوط بنايو آهي اهو توهانجن عملن کان خوب واقف آهي.

مَنْ جَاۗءَ بِالْحَسَنَةِ فَلَهٗ خَيْرٌ مِّنْهَا ۚ وَهُمْ مِّنْ فَزَعٍ يَّوْمَىِٕذٍ اٰمِنُوْنَ ۝٩٠

٩٠. جيڪو ڪابہ نيڪي ڪندو انهيءَ کي انهيءَ کان بهتر بدلو ملندو ۽ اهڙا ماڻهو انهيءَ ڏينهن خوف کان (جنهن جو ذڪر مٿي ٿي چڪو آهي) محفوظ رهندا.

وَمَنْ جَاۗءَ بِالسَّيِّئَةِ فَكُبَّتْ وُجُوْهُهُمْ فِي النَّارِ ۭ هَلْ تُجْزَوْنَ اِلَّا مَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ۝٩١

٩١. ۽ جيڪي برا عمل ڪٿي خدا جي خدمت ۾ حاضر ٿيندا انهن جي سردارن کي دوزخ ۾ اونڌو ڪري ڪيرايو ويندو ۽ چيو ويندو تہ ڇا توهانجي جزا توهانجن عملن جي مطابق نہ آهي.

اِنَّمَآ اُمِرْتُ اَنْ اَعْبُدَ رَبَّ هٰذِهِ الْبَلْدَةِ الَّذِيْ حَرَّمَهَا وَلَهٗ كُلُّ شَيْءٍ ۡ وَّاُمِرْتُ اَنْ اَكُوْنَ مِنَ الْمُسْلِمِيْنَ ۝٩٢

٩٢. مونکي تہ فقط هيءَ حڪم ڏنو ويو آهي تہ مان هن شهر (مڪي) جي رب جي جنهن کي انهيءَ رب عزت پريو بنايو آهي عبادت ڪريان ۽ هر شيءِ انهيءَ جي قبضي ۾ آهي ۽ مونکي حڪم ڏنو ويو آهي تہ مان فرمانبردارن مان ٿي وڃان.

وَاَنْ اَتْلُوَا الْقُرْاٰنَ ۚ فَمَنِ اهْتَدٰى فَاِنَّمَا يَهْتَدِيْ لِنَفْسِهٖ ۚ وَمَنْ ضَلَّ فَقُلْ اِنَّمَآ اَنَا مِنَ الْمُنْذِرِيْنَ ۝٩٣

٩٣. ۽ هيءَ بہ تہ مان قرآن پڙهي ٻڌايان پوءِ جيڪو انهيءَ کي ٻڌي هدايت حاصل ڪندو تہ انهيءَ جي هدايت حاصل ڪرڻ فقط انهيءَ جي جان جي ڪم ايندي ۽ جيڪو انهيءَ کي ٻڌي گمراهہ ٿي ويندو تہ تون انهيءَ کي چؤ تہ مان صرف هڪ چتاءُ ڏيندڙ (وجود) آهيان.

وَقُلِ الْحَمْدُ لِلّٰهِ سَيُرِيْكُمْ اٰيٰتِهٖ فَتَعْرِفُوْنَهَا ۭ وَمَا رَبُّكَ بِغَافِلٍ عَمَّا تَعْمَلُوْنَ ۝٩٣ ع

٩٤. ۽ هيءَ بہ چؤ تہ الله ئي سڀني تعريفن جو لائق آهي اهو توهانکي پنهن جا نشان ڏيکاريندو ايستائين جو اوهان انهن کي سڃاڻي وٺندا ۽ توهانجو رب توهانجي عمل کان غافل نہ آهي.

## سُوْرَةُ الْقَصَصِ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ مَعَ الْبَسْمَلَةِ تِسْعٌ وَّثَمَانُوْنَ اٰيَةً وَّتِسْعَةُ رُكُوْعَاتٍ

سورت قصص - هيءَ سورت مڪي آهي ۽ بسم الله سميت هن جون اٺانوي آيتون ۽ نو رڪوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ①

١- (مان) الله جو نالو وٺي جيڪو بيحد ڪرم ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي (پڙهانٿو)

طٰسٓمّٓ ②

٢- طاهر (پاڪ) سميع (دعائن ٻڌڻ وارو) مجيد (وڏي بزرگيءَ وارو خدا هن سورت کي نازل ڪرڻ وارو آهي).

تِلْكَ اٰيٰتُ الْكِتٰبِ الْمُبِيْنِ ③

٣- هي (يعني هن سورت جون آيتون) هڪ دليل سان ثابت ڪيل ڪتاب جون آيتون آهن.

نَتْلُوْا عَلَيْكَ مِنْ نَّبَاِ مُوْسٰى وَفِرْعَوْنَ بِالْحَقِّ لِقَوْمٍ يُّؤْمِنُوْنَ ④

٤- مومن قوم جي فائدي لاءِ اسان موسيٰ ۽ فرعون جا صحيح واقعا تنهن جي سامهون پڙهون ٿا.

اِنَّ فِرْعَوْنَ عَلَا فِي الْاَرْضِ وَجَعَلَ اَهْلَهَا شِيَعًا يَّسْتَضْعِفُ طَآئِفَةً مِّنْهُمْ يُذَبِّحُ اَبْنَآءَهُمْ وَيَسْتَحْيٖ نِسَآءَهُمْ ۭ اِنَّهٗ كَانَ مِنَ الْمُفْسِدِيْنَ ⑤

٥- فرعون (پنهن جي) ملڪ ۾ ڏاڍي وڏائي کان ڪم ورتو هو ۽ انهيءَ جي رهڻ وارن کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيو هو. هن انهن مان هڪ گروهه کي ڪمزور ڪرڻ چاهيو ٿي (اهڙي طرح جو) انهن جي پٽن کي قتل ڪندو هو ۽ انهن جي ڇوڪرين کي زنده رکندو هو ۽ هو يقيناً فسادين مان هو.

وَنُرِيْدُ اَنْ نَّمُنَّ عَلَى الَّذِيْنَ اسْتُضْعِفُوْا فِي الْاَرْضِ وَنَجْعَلَهُمْ اَئِمَّةً وَّنَجْعَلَهُمُ الْوٰرِثِيْنَ ⑥

٦- ۽ اسان ارادو ڪري ڇڏيو هو ته جن ماڻهن کي ملڪ ۾ ڪمزور سمجهيو ويو هو انهن تي احسان ڪيون ۽ انهن کي سردار بڻايون ۽ انهن کي (سڀني نعمتن جو) وارث ڪري ڇڏيون.

وَنُمَكِّنَ لَهُمْ فِي الْاَرْضِ وَنُرِيَ فِرْعَوْنَ وَهَامٰنَ

٧- ۽ انهن کي ملڪ ۾ دٻدٻو بخشيون ۽

وَجُنُوْدَهُمَا مِنْهُمْ مَّا كَانُوْا يَحْذَرُوْنَ۝٦

فرعون ۽ هامان ۽ انهن جي لشڪرن کي اهو ڪجهه ڏيکاريون جنهن جو انهن کي خوف لڳل هو.

وَاَوْحَيْنَآ اِلٰٓى اُمِّ مُوْسٰٓى اَنْ اَرْضِعِيْهِ ۚ فَاِذَا خِفْتِ عَلَيْهِ فَاَلْقِيْهِ فِي الْيَمِّ وَلَا تَخَافِيْ وَلَا تَحْزَنِيْ ۚ اِنَّا رَآدُّوْهُ اِلَيْكِ وَجَاعِلُوْهُ مِنَ الْمُرْسَلِيْنَ۝٧

٨- ۽ اسان موسيٰ جي ماءُ ڏانهن وحي ڪئي هئي تہ انهيءَ کي (يعني موسيٰ کي) کير پيار پوءِ جڏهين تون انهيءَ (جي جان) جي باري ۾ خوف ڪرين تہ انهيءَ کي دريا ۾ وجهي ڇڏ ۽ ڊڄ نہ ۽ نہ ڪنهن گذريل واقعي جي سببان غم ڪر اسان انهيءَ کي تو ڏانهن موٽائي آڻينداسين ۽ انهيءَ کي رسولن مان هڪ رسول بنائينداسين (سو موسيٰ جي ماءُ انهيءَ وحي جي مطابق عمل ڪيو ۽ موسيٰ کي درياهہ ۾ وجهي ڇڏيو).

فَالْتَقَطَهٗٓ اٰلُ فِرْعَوْنَ لِيَكُوْنَ لَهُمْ عَدُوًّا وَّحَزَنًا ۭ اِنَّ فِرْعَوْنَ وَهَامٰنَ وَجُنُوْدَهُمَا كَانُوْا خٰطِـِٕيْنَ۝٨

٩- سو انهيءَ کانپوءِ انهيءَ (موسيٰ) کي فرعون جي خاندان مان هڪ کڻي ورتو. جنهن جو نتيجو هي ٿيو جو هڪ ڏينهن اهو انهن لاءِ دشمن ثابت ٿيو ۽ غم جو سبب بنيو. فرعون ۽ هامان ۽ انهن ٻنهي جا لشڪر غلطيءَ ۾ مبتلا هئا.

وَقَالَتِ امْرَاَتُ فِرْعَوْنَ قُرَّتُ عَيْنٍ لِّيْ وَلَكَ ۭ لَا تَقْتُلُوْهُ ڰ عَسٰٓى اَنْ يَّنْفَعَنَآ اَوْ نَتَّخِذَهٗ وَلَدًا وَّهُمْ لَا يَشْعُرُوْنَ۝٩

١٠- ۽ فرعون (جي خاندان) جي (هڪ) عورت چيو - هي تنهن جي لاءِ ۽ منهن جي لاءِ اکين جي ٺار جو سبب ٿيندو. انهيءَ کي قتل نہ ڪر ممڪن آهي تہ هڪ ڏينهن هو اسانکي نفعو پهچائي يا اسان انهيءَ کي پٽ بنايون ۽ انهن کي اصل حقيقت معلوم نہ هئي.

وَاَصْبَحَ فُؤَادُ اُمِّ مُوْسٰى فٰرِغًا ۭ اِنْ كَادَتْ لَتُبْدِيْ بِهٖ لَوْلَآ اَنْ رَّبَطْنَا عَلٰي قَلْبِهَا لِتَكُوْنَ مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ۝١٠

١١- ۽ موسيٰ جي ماءُ جي دل (غم کان) جونڪارو پاتو- ويجهو هو تہ جيڪڏهن اسان انهيءَ جي دل کي مومن بنائڻ لاءِ مضبوط نہ ڪيون ها تہ اها هن واقعي جي

سچي حقيقت ظاهر ڪري ڏني ها.

وَقَالَتْ لِأُخْتِهِ قُصِّيهِ فَبَصُرَتْ بِهِ عَنْ جُنُبٍ وَهُمْ لَا يَشْعُرُونَ ﴿۱۲﴾

۱۲- ۽ انهي (يعني موسيٰ جي ماءُ) انهيءَ (يعني موسيٰ) جي ڀيڻ کي چيو تہ هن جي پويان پويان وڃ. پوءِ اها انهيءَ کي پري کان ڏسندي رهي ۽ اهي (يعني فرعون جا ماڻهو) بي خبر هئا.

وَحَرَّمْنَا عَلَيْهِ الْمَرَاضِعَ مِنْ قَبْلُ فَقَالَتْ هَلْ أَدُلُّكُمْ عَلَىٰ أَهْلِ بَيْتٍ يَكْفُلُونَهُ لَكُمْ وَهُمْ لَهُ نَاصِحُونَ ﴿۱۳﴾

۱۳- ۽ اسان انهيءَ (يعني موسيٰ) تي انهيءَ کان ٻهرين کير پيارڻ وارين کي حرام ڪري ڇڏيو پوءِ انهيءَ (يعني موسيٰ جي ڀيڻ) چيو تہ ڇا مان توهانکي هڪ اهڙي گهر وارن جي خبر ڏيان جيڪي انهيءَ کي توهان لاءِ پالي ڏين ۽ اهي انهيءَ جا خير خواهہ ثابت ٿيندا.

فَرَدَدْنَاهُ إِلَىٰ أُمِّهِ كَيْ تَقَرَّ عَيْنُهَا وَلَا تَحْزَنَ وَلِتَعْلَمَ أَنَّ وَعْدَ اللَّهِ حَقٌّ وَلَٰكِنَّ أَكْثَرَهُمْ لَا يَعْلَمُونَ ﴿۱۴﴾

۱۴- اهڙيءَ طرح اسان انهيءَ کي انهيءَ جي ماءُ کي موٽائي ڏنو انهيءَ لاءِ تہ انهيءَ جون اکيون ٺرن ۽ اها غم نہ ڪري ۽ سمجهي تہ الله جو واعدو پورو ٿي رهيئو پر (منڪرن مان) اڪثر ڄاڻن نٿا.

وَلَمَّا بَلَغَ أَشُدَّهُ وَاسْتَوَىٰ آتَيْنَاهُ حُكْمًا وَعِلْمًا ۚ وَكَذَٰلِكَ نَجْزِي الْمُحْسِنِينَ ﴿۱۵﴾

۱۵- ۽ جڏهين اهو پنهن جي پڪي جوانيءَ کي پهتو ۽ (پنهن جي اعليٰ اخلاقي تي) مضبوطيءَ سان قائم ٿي ويو تہ اسان انهيءَ کي دانائي ۽ علم بخشيو ۽ اسان محسنن کي اهڙوئي بدلو ڏيندا آهيون.

وَدَخَلَ الْمَدِينَةَ عَلَىٰ حِينِ غَفْلَةٍ مِنْ أَهْلِهَا فَوَجَدَ فِيهَا رَجُلَيْنِ يَقْتَتِلَانِ هَٰذَا مِنْ شِيعَتِهِ وَهَٰذَا مِنْ عَدُوِّهِ ۖ فَاسْتَغَاثَهُ الَّذِي مِنْ شِيعَتِهِ عَلَى الَّذِي مِنْ عَدُوِّهِ فَوَكَزَهُ مُوسَىٰ فَقَضَىٰ عَلَيْهِ ۖ قَالَ هَٰذَا مِنْ عَمَلِ الشَّيْطَانِ ۖ إِنَّهُ عَدُوٌّ مُضِلٌّ مُبِينٌ ﴿۱۶﴾

۱٦- ۽ (هڪ ڏينهن) هو شهر ۾ اهڙي وقت آيو جو ماڻهو غفلت جي حالت ۾ هئا. هن انهيءَ شهر ۾ ٻن ماڻهن کي ڏٺو تہ پاڻ ۾ وڙهي رهيا هئا. هڪڙو انهيءَ جي دوستن جي گروهہ مان هو ۽ ٻيو هنجي دشمنن مان هو. پوءِ هن جيڪو سندس جماعت مان هو انهيءَ شخص جي خلاف جيڪو هن جي دشمنن مان هو سندس مدد طلب ڪئي. انهيءَ تي موسيٰ

جڏين ۽ اصلاح ڪرڻ وارن ۾ شامل ٿيڻ تنهن جو مطلب نہ آهي.

وَجَآءَ رَجُلٌ مِّنْ اَقْصَا الْمَدِيْنَةِ يَسْعٰى قَالَ يٰمُوْسٰٓى اِنَّ الْمَلَاَ يَاْتَمِرُوْنَ بِكَ لِيَقْتُلُوْكَ فَاخْرُجْ اِنِّيْ لَكَ مِنَ النّٰصِحِيْنَ ﴿٢١﴾

٢١. ۽ انهيءَ وقت هڪ شخص شهر جي پراهين حصي کان ڊوڙندو آيو ۽ چيائين اي موسيٰ (ملڪ جا) رئيس مشورو ڪري رهيا آهن تہ توکي قتل ڪري ڇڏين. پوءِ (منهن جي ڳالهہ ٻڌ ۽) هن شهر مان نڪري وڃ، مان تنهن جن خير خواهن مان آهيان.

فَخَرَجَ مِنْهَا خَآئِفًا يَّتَرَقَّبُ قَالَ رَبِّ نَجِّنِيْ مِنَ الْقَوْمِ الظّٰلِمِيْنَ ﴿٢٢﴾

٢٢. تڏهين اهو انهيءَ شهر مان ڊڄندي نڪري ويو ۽ اهو هوشياريءَ سان هيڏانهن هوڏانهن ڏسندو ٿي ويو انهيءَ وقت انهيءَ دعا ڪئي ۽ چيائين اي منهنجا رب ! مونکي ظالم قوم کان نجات ڏي.

وَلَمَّا تَوَجَّهَ تِلْقَآءَ مَدْيَنَ قَالَ عَسٰى رَبِّيْٓ اَنْ يَّهْدِيَنِيْ سَوَآءَ السَّبِيْلِ ﴿٢٣﴾

٢٣. ۽ جڏهين هو مدين شهر ڏانهن هليو، تہ انهيءَ چيو مونکي اميد آهي تہ منهن جو رب مونکي سڌو رستو ڏيکاري ڇڏيندو.

وَلَمَّا وَرَدَ مَآءَ مَدْيَنَ وَجَدَ عَلَيْهِ اُمَّةً مِّنَ النَّاسِ يَسْقُوْنَ ۬ وَوَجَدَ مِنْ دُوْنِهِمُ امْرَاَتَيْنِ تَذُوْدٰنِ قَالَ مَا خَطْبُكُمَا قَالَتَا لَا نَسْقِيْ حَتّٰى يُصْدِرَ الرِّعَآءُ وَاَبُوْنَا شَيْخٌ كَبِيْرٌ ﴿٢٤﴾

٢٤. ۽ جڏهين اهو مدين شهر جي چشمي وٽ آيو تہ هن انهيءَ وٽ ماڻهن جو هڪ گروهہ ٻيڻل ڏٺو جيڪي (پنهن جن جانورن کي) پاڻي پياري رهيا هئا ۽ انهن کان ٿورڙو پوئتي ٻہ ٻيڻل عورتون ڏٺيون جيڪي پنهن جن جانورن کي (هجوم کان پري) هٽائي رهيون هيون. موسيٰ انهن کي چيو توهان ٻنهي کي ڪهڙو اهم ڪم درپيش آهي. انهيءَ تي ٻنهي عورتن چيو، اسان پاڻي پياري نہ ٿيون سگهون جيستائين ٻيا ڌنار هليا نہ وڃن ۽ اسانجو پيءُ ڏاڍو پوڙهو آهي (انهيءَ ڪري اسان سان نہ اچي سگهيو).

فَسَقٰى لَهُمَا ثُمَّ تَوَلّٰٓى اِلَى الظِّلِّ فَقَالَ رَبِّ اِنِّيْ لِمَآ

٢٥. پوءِ هن انهن ٻنهي جي خاطر (جانورن کي) پاڻي پياريو . پوءِ هڪ پاڇي ڏانهن

أَنْزَلْتَ إِلَيَّ مِنْ خَيْرٍ فَقِيرٌ ﴿٢٥﴾

هني ويو . پوءِ چيائين اي منهنجا رب! پنهن جي ٻلائي مان جيڪي ڪجهہ تون مونتي نازل ڪرين مان انهيءَ جو محتاج آهيان.

فَجَاءَتْهُ إِحْدَاهُمَا تَمْشِي عَلَى اسْتِحْيَاءٍ قَالَتْ إِنَّ أَبِي يَدْعُوكَ لِيَجْزِيَكَ أَجْرَ مَا سَقَيْتَ لَنَا ۚ فَلَمَّا جَاءَهُ وَقَصَّ عَلَيْهِ الْقَصَصَ قَالَ لَا تَخَفْ ۖ نَجَوْتَ مِنَ الْقَوْمِ الظَّالِمِينَ ﴿٢٦﴾

٢٦۔ انهيءَ کانپوءِ انهن ٻنهي ڇوڪرين مان هڪ هلندي آئي ۽ اها شرمائي رهي هئي ۽ انهيءَ چيو منهن جو پيءُ توکي سڏي ٿو انهيءَ لاءِ تہ توکي اسانجي، جڳهہ تي (جانورن کي) پاڻي پيارڻ جو اجورو عطا ڪري. پوءِ جڏهين هو انهيءَ (يعني ڇوڪرين جي پيءُ) وٽ آيو ۽ انهيءَ جي اڳيان (پنهن جو) سارو واقعو بيان ڪيائين تہ انهيءَ چيس ڊڄ نہ، تون هاڻي ظالم قوم جي هٿ کان ڇوٽڪارو حاصل ڪري ويو آهين.

قَالَتْ إِحْدَاهُمَا يَا أَبَتِ اسْتَأْجِرْهُ ۖ إِنَّ خَيْرَ مَنِ اسْتَأْجَرْتَ الْقَوِيُّ الْأَمِينُ ﴿٢٧﴾

٢٧۔ انهيءَ تي انهن (ٻنهي ڇوڪرين) مان هڪڙي چيو، اي منهنجا پيءُ ! هن کي تون ملازم ڪٽي رک ڇو جو جن کي تون ملازم رکين انهن مان بهتر شخص اهو هوندو جيڪو مضبوط بہ هجي ۽ امانتدار بہ.

قَالَ إِنِّي أُرِيدُ أَنْ أُنْكِحَكَ إِحْدَى ابْنَتَيَّ هَاتَيْنِ عَلَى أَنْ تَأْجُرَنِي ثَمَانِيَ حِجَجٍ ۖ فَإِنْ أَتْمَمْتَ عَشْرًا فَمِنْ عِنْدِكَ ۖ وَمَا أُرِيدُ أَنْ أَشُقَّ عَلَيْكَ ۚ سَتَجِدُنِي إِنْ شَاءَ اللَّهُ مِنَ الصَّالِحِينَ ﴿٢٨﴾

٢٨۔ تڏهين انهيءَ شخص چيو (اي موسيٰ) مان چاهيان ٿو تہ هن شرط تي پنهن جن هنن ٻن ڇوڪرين مان هڪ سان تنهنجو نڪاح ڪريان جيڪڏهين تون اٺن سالن تائين منهن جي خدمت ڪرين پوءِ جيڪڏهين تون (اٺن جي عدد جي جاءِ تي) ڏهن جي عدد سان پنهن جي واعدي کي مڪمل ڪري ڇڏين تہ اهو تنهن جو احسان ٿيندو ۽ مان توتي ڪو بوجو وجهڻ نٿو گهران. جيڪڏهين الله گهريو تہ تون مونکي نيڪ معاملي ڪرڻ وارن مان لهندين.

قَالَ ذَٰلِكَ بَيْنِي وَبَيْنَكَ ۖ أَيَّمَا الْأَجَلَيْنِ قَضَيْتُ فَلَا

٢٩۔ (انهيءَ تي موسيٰ) چيو. هيءَ ڳالهہ

عُدْوَانَ عَلَيَّ ؕ وَاللّٰهُ عَلٰى مَا نَقُوْلُ وَكِيْلٌ ۝٢٩ ع

منهن جي ۽ تنهن جي وچ ۾ پڪي رهندي. انهن ٻنهي مدتن مان جيڪا بہ مان پوري ڪريان مونتي ڪو الزام نہ هوندو ۽ جيڪي ڪجهہ اسان چئون ٿا, الله انهيءَ تي شاهد آهي.

فَلَمَّا قَضٰى مُوْسَى الْاَجَلَ وَسَارَ بِاَهْلِهٖٓ اٰنَسَ مِنْ جَانِبِ الطُّوْرِ نَارًا ۚ قَالَ لِاَهْلِهِ امْكُثُوْٓا اِنِّيْٓ اٰنَسْتُ نَارًا لَّعَلِّيْٓ اٰتِيْكُمْ مِّنْهَا بِخَبَرٍ اَوْ جَذْوَةٍ مِّنَ النَّارِ لَعَلَّكُمْ تَصْطَلُوْنَ ۝٣٠

٣٠. جڏهن موسيٰ مقرر وقت کي پورو ڪيو ۽ پنهن جي گهر وارن کي وٺي هليو تہ هن طور جي طرف کان هڪ باهہ ڏٺي (۽) پنهن جي گهر وارن کي چيائين توهان هتي ترسو, مون هڪ باهہ ڏٺي آهي, شايد مان اتانڪان توهانلاءِ ڪا (ضروري) خبر آڻيان يا ڪو باهہ جو ٽانڊو آڻيان جو توهان پاڻکي سيڪيو.

فَلَمَّآ اَتٰىهَا نُوْدِيَ مِنْ شَاطِئِ الْوَادِ الْاَيْمَنِ فِي الْبُقْعَةِ الْمُبٰرَكَةِ مِنَ الشَّجَرَةِ اَنْ يّٰمُوْسٰٓى اِنِّيْٓ اَنَا اللّٰهُ رَبُّ الْعٰلَمِيْنَ ۝٣١

٣١. پوءِ جڏهن هو انهيءَ (باهہ) وٽ پهتو, تہ مبارڪ مقام جي هڪ مبارڪ حصي جي طرف هڪ وڻ وٽان هن کي سڏيو ويو تہ اي موسيٰ ! مان الله آهيان سڀني جهانن جو رب.

وَاَنْ اَلْقِ عَصَاكَ ؕ فَلَمَّا رَاٰهَا تَهْتَزُّ كَاَنَّهَا جَآنٌّ وَّلّٰى مُدْبِرًا وَّلَمْ يُعَقِّبْ ؕ يٰمُوْسٰٓى اَقْبِلْ وَلَا تَخَفْ ۣ اِنَّكَ مِنَ الْاٰمِنِيْنَ ۝٣٢

٣٢. ۽ اهو بہ تہ تون پنهن جي لٺ اڇلي ڇڏ پوءِ جڏهن هن انهيءَ (لٺ) کي چرندي ڏٺو جڻ تہ اهو هڪ ننڍڙو نانگ آهي. هو پٺي ڦيري ڀڳو ۽ پوئتي موٽي نہ ڏٺائين (تڏهن هن کي چيو ويو) اي موسيٰ! اڳتي وڌ ۽ ڊڄ نہ تون سلامتي حاصل ڪرڻ وارن مان آهين.

اُسْلُكْ يَدَكَ فِيْ جَيْبِكَ تَخْرُجْ بَيْضَآءَ مِنْ غَيْرِ سُوْٓءٍ ۡ وَّاضْمُمْ اِلَيْكَ جَنَاحَكَ مِنَ الرَّهْبِ فَذٰنِكَ بُرْهَانٰنِ مِنْ رَّبِّكَ اِلٰى فِرْعَوْنَ وَمَلَا۟ئِهٖ ؕ اِنَّهُمْ كَانُوْا قَوْمًا فٰسِقِيْنَ ۝٣٣

٣٣. (۽) پنهن جي هٿ کي پنهن جي گريبان ۾ وجهہ اهو بنان ڪنهن بيماريءَ جي اڇو نڪرندو ۽ پنهن جي ٻانهن کي خوف جي سببان (زور سان) ڇڪي (پنهنجي جسم سان) ملاءِ هي بہ دليل (سواءِ ٻين دليلن جي) آهن جيڪي فرعون ۽ انهيءَ جي

اِلٰهٍ غَيْرِيْ ۚ فَاَوْقِدْ لِيْ يٰهَامٰنُ عَلَى الطِّيْنِ فَاجْعَلْ
لِّيْ صَرْحًا لَّعَلِّيْٓ اَطَّلِعُ اِلٰٓى اِلٰهِ مُوْسٰى ۙ وَاِنِّيْ لَاَظُنُّهٗ
مِنَ الْكٰذِبِيْنَ ٣٩

پاڻکان سواءِ توهانجو ڪو معبود معلوم ڪونهي. پوءِ اي هامان! منهن جي لاءِ آلي مٽيءَ تي باهه ٻار (يعني سرون ٺهراءِ) پوءِ مون لاءِ هڪ قلعو تيار ڪر. شايد انهيءَ تي چڙهي مان موسىٰ جي خدا کي معلوم ڪري سگهان ۽ مان ته هن کي ڪوڙن مان سمجهان ٿو.

وَاسْتَكْبَرَ هُوَ وَجُنُوْدُهٗ فِى الْاَرْضِ بِغَيْرِ الْحَقِّ وَ
ظَنُّوْٓا اَنَّهُمْ اِلَيْنَا لَا يُرْجَعُوْنَ ٤٠

٤٠- ۽ هن به ۽ سندس لشڪرن به ملڪ ۾ بنان ڪنهن حق جي تڪبر کان ڪم ورتو ۽ خيال ڪيو ته اهي اسان وٽ موٽائي ڪونه آندا ويندا.

فَاَخَذْنٰهُ وَجُنُوْدَهٗ فَنَبَذْنٰهُمْ فِى الْيَمِّ ۚ فَانْظُرْ
كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الظّٰلِمِيْنَ ٤١

٤١- پوءِ اسان انهيءَ کي به ۽ انهيءَ جي لشڪرن کي به سوگهو ڪيو ۽ انهن کي سمنڊ ۾ اڇلائي ڇڏيو. پوءِ ڏس ته ظالمن جي پڇاڙي ڪهڙي ٿي؟

وَجَعَلْنٰهُمْ اَئِمَّةً يَّدْعُوْنَ اِلَى النَّارِ ۚ وَيَوْمَ الْقِيٰمَةِ
لَا يُنْصَرُوْنَ ٤٢

٤٢- ۽ اسان انهن (فرعونين) کي سردار بنايو هو جيڪي (پنهن جي سرداريءَ جي غرور ۾) ماڻهن کي دوزخ ڏانهن سڏيندا هئا ۽ قيامت جي ڏينهن انهن جي ڪابه مدد نه ڪئي ويندي.

وَاَتْبَعْنٰهُمْ فِيْ هٰذِهِ الدُّنْيَا لَعْنَةً ۚ وَيَوْمَ الْقِيٰمَةِ هُمْ
مِّنَ الْمَقْبُوْحِيْنَ ٤٣ ع

٤٣- ۽ هن دنيا ۾ اسان انهن تي لعنت موڪلي ۽ قيامت جي ڏينهن به اهي بدحال ماڻهن مان هوندا.

وَلَقَدْ اٰتَيْنَا مُوْسَى الْكِتٰبَ مِنْۢ بَعْدِ مَآ اَهْلَكْنَا الْقُرُوْنَ
الْاُوْلٰى بَصَآئِرَ لِلنَّاسِ وَهُدًى وَّرَحْمَةً لَّعَلَّهُمْ
يَتَذَكَّرُوْنَ ٤٤

٤٤- ۽ اسان موسىٰ کي انهيءَ کانپوءِ جو اسان پهرين قومن کي تباهه ڪري ڇڏيو هو ڪتاب بخشيو. انهيءَ جي تعليم ماڻهن کي روحاني سوجهرو بخشيندي هئي. ۽ اها هدايت ۽ رحمت جو سبب هئي (۽) انهيءَ مطلب سان (ڏني وئي هئي) ته اهي نصيحت حاصل ڪن.

وَمَا كُنْتَ بِجَانِبِ الْغَرْبِيِّ إِذْ قَضَيْنَآ إِلٰى مُوْسَى الْأَمْرَ وَمَا كُنْتَ مِنَ الشّٰهِدِيْنَ ﴿٤٥﴾

٤٥- ۽ تون (طور جي) اولاهين پاسي نہ هئين جڏهين اسان موسىٰ جي حوالي (رسالت جو) ڪم ڪيو هو ۽ نہ تون (انهيءَ وقت) شاهدن مان هڪ شاهد هئين.

وَلٰكِنَّآ أَنْشَأْنَا قُرُوْنًا فَتَطَاوَلَ عَلَيْهِمُ الْعُمُرُ ۚ وَمَا كُنْتَ ثَاوِيًا فِيْٓ أَهْلِ مَدْيَنَ تَتْلُوْا عَلَيْهِمْ اٰيٰتِنَا ۙ وَلٰكِنَّا كُنَّا مُرْسِلِيْنَ ﴿٤٦﴾

٤٦- پر اسان ڪيترين قومن کي پيدا ڪيو پوءِ انهن تي عمر وڌي ٿي ويئي (۽ اهي پنهن جن پيشڪوين کي وساري ويٺا) ۽ تون اهل مدين سان بہ نہ رهندو هئين جو انهن جي اڳيان اسانجا نشان پڙهي ٻڌائين ها. پر اسان ئي رسول موڪلڻ وارا آهيون.

وَمَا كُنْتَ بِجَانِبِ الطُّوْرِ إِذْ نَادَيْنَا وَلٰكِنْ رَّحْمَةً مِّنْ رَّبِّكَ لِتُنْذِرَ قَوْمًا مَّآ أَتٰهُمْ مِّنْ نَّذِيْرٍ مِّنْ قَبْلِكَ لَعَلَّهُمْ يَتَذَكَّرُوْنَ ﴿٤٧﴾

٤٧- ۽ تون طور جي طرف نہ هئين. جڏهي تہ اسان (موسىٰ کي) پڪاريو پر هي سڀ ڪجهہ تنهن جي رب جي طرف کان رحمت آهي انهيءَ لاءِ تہ تون انهيءَ قوم کي هوشيار ڪرين جن وٽ توکان پهرين ڪوبہ هوشيار ڪرڻ وارو نہ آيو هو جو اهي نصيحت حاصل ڪن.

وَلَوْلَآ أَنْ تُصِيْبَهُمْ مُّصِيْبَةٌ ۢ بِمَا قَدَّمَتْ أَيْدِيْهِمْ فَيَقُوْلُوْا رَبَّنَا لَوْلَآ أَرْسَلْتَ إِلَيْنَا رَسُوْلًا فَنَتَّبِعَ اٰيٰتِكَ وَنَكُوْنَ مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿٤٨﴾

٤٨- ۽ جيڪڏهين اهو خيال نہ اچي ها تہ اهي پنهجن عملن جي سبب ڪري ڪنهن مصيبت جي اچڻ تي چوندا اي اسانجا رب! تو اسان ڏانهن ڪو رسول چو نہ موڪليو. جو اسان تنهن جن آيتن جي پويان هلون ها ۽ مومنن مان بنجي وڃون ها (تہ شايد اسان توکي رسول بنائي نہ موڪليون ها پر ڪافرن تي حجت قائم ڪرڻ ضروري هو).

فَلَمَّا جَآءَهُمُ الْحَقُّ مِنْ عِنْدِنَا قَالُوْا لَوْلَآ أُوْتِيَ مِثْلَ مَآ أُوْتِيَ مُوْسٰى ۚ أَوَلَمْ يَكْفُرُوْا بِمَآ أُوْتِيَ مُوْسٰى مِنْ قَبْلُ ۚ قَالُوْا سِحْرٰنِ تَظٰهَرَا ۗ وَقَالُوْٓا إِنَّا بِكُلٍّ كٰفِرُوْنَ ﴿٤٩﴾

٤٩- پوءِ جڏهين انهن وٽ اسانجي طرفان حق اچي ويو تہ انهن چيو چو انهيءَ (يعني محمد رسول الله) کي اهڙي تعليم نہ ملي جهڙي موسىٰ کي ملي هئي. ڇا انهن موسىٰ جي تعليم جو انهيءَ کان پهرين انڪار نہ ڪيو

هو ؟ انهن تہ چيو هو تہ هي ٻـہ وڏا جادوگر آهن جيڪي هڪ ٻئي جي مدد ڪن ٿا ۽ چيو هنائون تہ اسان انهن مان هر هڪ جي دعويٰ جا منڪر آهيون.

قُلْ فَأْتُوْا بِكِتٰبٍ مِّنْ عِنْدِ اللّٰهِ هُوَ اَهْدٰى مِنْهُمَآ اَتَّبِعْهُ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿٤٩﴾

٥٠. تون چؤ تہ (جيڪڏهين موسيٰ ۽ هارون ۽ محمد رسول الله صلي الله عليه وسلم سڀني جون ڳالهيون ڪوڙيون آهن تہ) جيڪڏهن توهان سچا آهيو تہ الله وٽان هڪ اهڙو ڪتاب آڻيو جيڪو انهن ٻنهي ڪتابن کان وڌيڪ هدايت ڏيندو هجي انهيءَ لاءِ تہ مان انهيءَ جي تابعداري ڪيان.

فَاِنْ لَّمْ يَسْتَجِيْبُوْا لَكَ فَاعْلَمْ اَنَّمَا يَتَّبِعُوْنَ اَهْوَآءَهُمْ ؕ وَمَنْ اَضَلُّ مِمَّنِ اتَّبَعَ هَوٰىهُ بِغَيْرِ هُدًى مِّنَ اللّٰهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا يَهْدِى الْقَوْمَ الظّٰلِمِيْنَ ﴿٥٠﴾ ع ٨

٥١. پوءِ جيڪڏهن اهي ڪو جواب نہ ڏين، تہ سمجهہ تہ اهي صرف پنهن جن خواهشن جي پيروي ڪري رهيا آهن ۽ انهيءَ کان وڌيڪ ڪير گمراهہ آهي جيڪو الله جي هدايت کي نظر انداز ڪري پنهن جي خواهش جي پنيان هلي ٿو الله يقينن ظالم قوم کي ڪاميابيءَ جو رستو نٿو ڏيکاري.

وَلَقَدْ وَصَّلْنَا لَهُمُ الْقَوْلَ لَعَلَّهُمْ يَتَذَكَّرُوْنَ ﴿٥١﴾

٥٢. ۽ اسان انهن جي لاءِ هڪ ٻئي پنيان وحي موڪليندا رهياسون انهيءَ لاءِ تہ اهي نصيحت حاصل ڪن.

اَلَّذِيْنَ اٰتَيْنٰهُمُ الْكِتٰبَ مِنْ قَبْلِهٖ هُمْ بِهٖ يُؤْمِنُوْنَ ﴿٥٢﴾

٥٣. اهي ماڻهو جن کي اسان هن (قرآن) کان پهرين ڪتاب ڏنو هو. اهي هن (قرآن) تي (دل ۾) ايمان رکن ٿا.

وَاِذَا يُتْلٰى عَلَيْهِمْ قَالُوْٓا اٰمَنَّا بِهٖٓ اِنَّهُ الْحَقُّ مِنْ رَّبِّنَآ اِنَّا كُنَّا مِنْ قَبْلِهٖ مُسْلِمِيْنَ ﴿٥٣﴾

٥٤. ۽ جڏهين اهو (قرآن) انهن جي اڳيان پڙهيو وڃيٿو تہ اهي چون ٿا اسان انهيءَ تي ايمان آڻيون ٿا. هي اسانجي رب جي طرفان برحق ڪلام آهي اسان تہ انهيءَ ڏينهن کان پهرين ٿي مسلمان هواسين.

اُولٰٓئِكَ يُؤْتَوْنَ اَجْرَهُمْ مَّرَّتَيْنِ بِمَا صَبَرُوْا وَ

٥٥. انهن ماڻهن کي انهيءَ جو بدلو سندن

يَدْرَءُونَ بِالْحَسَنَةِ السَّيِّئَةَ وَمِمَّا رَزَقْنٰهُمْ يُنْفِقُونَ ﴿٥٤﴾

صبر جي سببان ٻه دفعا ملندو ۽ اهي نيڪيءَ سان بديءَ جو مقابلو ڪن ٿا ۽ جيڪي ڪجهه اسان انهن کي ڏنو آهي انهيءَ کي خرچ ڪن ٿا.

وَإِذَا سَمِعُوا اللَّغْوَ أَعْرَضُوا عَنْهُ وَقَالُوا لَنَا أَعْمَالُنَا وَلَكُمْ أَعْمَالُكُمْ سَلٰمٌ عَلَيْكُمْ لَا نَبْتَغِي الْجٰهِلِينَ ﴿٥٥﴾

٥٦- ۽ (يهودين مان مسلمان ٿيڻ وارا جڏهين) ڪا بيهودي ڳالهه ٻڌن ٿا ته انهيءَ کان ڪنارو ڪن ٿا. ۽ چون ٿا اي ڪافرو اسانجا عمل اسان لاءِ آهن ۽ توهانجا عمل توهان لاءِ آهن . توهانتي سلامتي نازل هجي (يعني خدا توهانکي ايمان نصيب ڪري) اسان جاهلن سان تعلق رکڻ پسند نٿا ڪيون.

إِنَّكَ لَا تَهْدِي مَنْ أَحْبَبْتَ وَلٰكِنَّ اللّٰهَ يَهْدِي مَنْ يَشَاءُ ۚ وَهُوَ أَعْلَمُ بِالْمُهْتَدِينَ ﴿٥٦﴾

٥٧- تون جنهن کي پسند ڪرين هدايت نٿو ڏيئي سگهين. پر الله جنهنکي گهري هدايت ڏيئي ٿو ۽ اهو هدايت حاصل ڪرڻ وارن کي چڱيءَ طرح ڄاڻيٿو.

وَقَالُوا إِنْ نَتَّبِعِ الْهُدٰى مَعَكَ نُتَخَطَّفْ مِنْ أَرْضِنَا ۚ أَوَلَمْ نُمَكِّنْ لَهُمْ حَرَمًا اٰمِنًا يُجْبٰى إِلَيْهِ ثَمَرٰتُ كُلِّ شَيْءٍ رِزْقًا مِنْ لَدُنَّا وَلٰكِنَّ أَكْثَرَهُمْ لَا يَعْلَمُونَ ﴿٥٧﴾

٥٨- ۽ اهي چون ٿا جيڪڏهن اسان انهيءَ هدايت جي جيڪا توتي نازل ٿئي ٿي اطاعت ڪيون ته پنهن جي ملڪ مان تڙيا وينداسين (تون چئو) ڇا اسان انهن کي محفوظ ۽ امن واري جڳهه نه ڏني آهي. جنهن ڏانهن هر قسم جا ميوا آندا ويندا آهن اهو اسانجي طرفان تحفو آهي. پر انهن مان اڪثر ڄاڻن نٿا.

وَكَمْ أَهْلَكْنَا مِنْ قَرْيَةٍ بَطِرَتْ مَعِيشَتَهَا ۚ فَتِلْكَ مَسٰكِنُهُمْ لَمْ تُسْكَنْ مِنْ بَعْدِهِمْ إِلَّا قَلِيلًا ۖ وَكُنَّا نَحْنُ الْوٰرِثِينَ ﴿٥٨﴾

٥٩- ۽ ڪيترين ئي آباديون آهن جن کي اسان تباهه ڪيو جيڪي پنهن جي معيشت (جي گهڻائي) جي سببان متڪبر ٿي ويون هيون. پوءِ (ڏس) هي انهن جون رهڻ جو جايون آهن جن ۾ انهن کانپوءِ ڪوبه نه رهيو ۽ اسان ئي انهن جا وارث بنياسين.

گمراهه ٿي ويا هئاسون. اڄ اسان تو وٽ پنهن جي گمراهيءَ کان بيزاري ظاهر ڪيون ٿا. اهي ماڻهو اسان جا عبادت گذار نه هئا (پر پنهن جن خيالن جي پويان هلندا هئا).

وَقِيلَ ادْعُوا شُرَكَاءَكُمْ فَدَعَوْهُمْ فَلَمْ يَسْتَجِيبُوا
لَهُمْ وَرَأَوُا الْعَذَابَ ۚ لَوْ أَنَّهُمْ كَانُوا يَهْتَدُونَ ﴿٦٥﴾

٦٥. ۽ چيو ويندو توهان پنهن جن شريڪن کي سڏيو پوءِ اهي انهن کي سڏيندا پر اهي سندن جواب نه ڏيندا ۽ (مشرڪ) مقرر ڪيل عذاب ڏسندا. ڪاش جو اهي هدايت حاصل ڪن ها.

وَيَوْمَ يُنَادِيهِمْ فَيَقُولُ مَاذَا أَجَبْتُمُ الْمُرْسَلِينَ ﴿٦٦﴾

٦٦. ۽ انهي ڏينهن کي به ياد ڪريو جڏهين خدا انهن کي پڪاريندو ۽ چوندو توهان رسولن (جي نصيحت) جو ڪهڙو جواب ڏنو هو؟

فَعَمِيَتْ عَلَيْهِمُ الْأَنْبَاءُ يَوْمَئِذٍ فَهُمْ لَا يَتَسَاءَلُونَ ﴿٦٧﴾

٦٧. پوءِ انهيءَ ڏينهن سڀ دليل انهن کان وسري ويندا ۽ اهي هڪ ٻئي کان ڪوبه سوال نه ڪري سگهندا.

فَأَمَّا مَنْ تَابَ وَآمَنَ وَعَمِلَ صَالِحًا فَعَسَىٰ أَنْ يَكُونَ
مِنَ الْمُفْلِحِينَ ﴿٦٨﴾

٦٨. پوءِ جيڪو به توجه ڪندو ۽ ايمان آڻيندو ۽ حال سارو عمل ڪندو جلدي مرادوند ماڻهن ۾ شامل ٿي ويندو.

وَرَبُّكَ يَخْلُقُ مَا يَشَاءُ وَيَخْتَارُ ۗ مَا كَانَ لَهُمُ الْخِيَرَةُ ۚ
سُبْحَانَ اللَّهِ وَتَعَالَىٰ عَمَّا يُشْرِكُونَ ﴿٦٩﴾

٦٩. ۽ تنهن جو رب جيڪي چاهيٿو پيدا ڪريٿو ۽ جنهن کي چاهيٿو منتخت ڪريٿو. انهن کي انهيءَ باري ۾ ڪوبه اختيار حاصل ڪونهي. الله پاڪ آهي ۽ انهن جي شرڪ وارين ڳالهين کان مٿاهون آهي.

وَرَبُّكَ يَعْلَمُ مَا تُكِنُّ صُدُورُهُمْ وَمَا يُعْلِنُونَ ﴿٧٠﴾

٧٠. ۽ تنهن جو رب انهيءَ کي ڄاڻيٿو جنهن کي اهي سيني ۾ لڪائين ٿا ۽ انهيءَ کي به جنهن کي اهي ظاهر ڪن ٿا.

وَهُوَ اللَّهُ لَا إِلَٰهَ إِلَّا هُوَ ۖ لَهُ الْحَمْدُ فِي الْأُولَىٰ وَالْآخِرَةِ ۖ
وَلَهُ الْحُكْمُ وَإِلَيْهِ تُرْجَعُونَ ﴿٧١﴾

٧١. ۽ حقيقت هيءَ آهي ته الله جي ذات اهڙي آهي جو انهيءَ کانسواءِ ڪوبه معبود ڪونهي پيدائش جي شروعات ۾ اهو تعريف

جي لائق هو ۽ آخرت ۾ بہ اهوئي تعريف جو لائق هوندو. سڄي بادشاهت انهيءَ جي قبضي ۾ آهي ۽ توهان سڀني کي انهيءَ ڏانهن موٽي وڃڻو پوندو.

قُلْ اَرَءَيْتُمْ اِنْ جَعَلَ اللّٰهُ عَلَيْكُمُ الَّيْلَ سَرْمَدًا اِلٰى يَوْمِ الْقِيٰمَةِ مَنْ اِلٰهٌ غَيْرُ اللّٰهِ يَاْتِيْكُمْ بِضِيَآءٍ ۭ اَفَلَا تَسْمَعُوْنَ ۝

٧٢ تون (انهن کي) چؤ مونکي ٻڌايو تہ سهي جيڪڏهين الله توهان لاءِ قيامت جي ڏينهن تائين رات کي ڊگهو ڪري ڇڏي تہ الله ڪانسواءِ ٻيو ڪير آهي جيڪو توهانوٽ روشني آڻيندو؟ ڇا توهان ٻڌو نٿا؟

قُلْ اَرَءَيْتُمْ اِنْ جَعَلَ اللّٰهُ عَلَيْكُمُ النَّهَارَ سَرْمَدًا اِلٰى يَوْمِ الْقِيٰمَةِ مَنْ اِلٰهٌ غَيْرُ اللّٰهِ يَاْتِيْكُمْ بِلَيْلٍ تَسْكُنُوْنَ فِيْهِ ۭ اَفَلَا تُبْصِرُوْنَ ۝

٧٣ تون چؤ تہ مونکي ٻڌايو تہ سهي تہ جيڪڏهين الله ڏينهن کي قيامت جي ڏينهن تائين توهان لاءِ ڊگهو ڪري ڇڏي تہ الله ڪانسواءِ ڪهڙو معبود آهي جيڪو توهان وٽ رات کي وٺي اچي جنهن ۾ توهان سڪون حاصل ڪيو. ڇا توهان ڏسو نٿا.

وَمِنْ رَّحْمَتِهٖ جَعَلَ لَكُمُ الَّيْلَ وَالنَّهَارَ لِتَسْكُنُوْا فِيْهِ وَلِتَبْتَغُوْا مِنْ فَضْلِهٖ وَلَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ ۝

٧٤ ۽ هيءَ انهيءَ جي رحمت آهي جو انهيءَ توهانجي لاءِ رات ۽ ڏينهن بنايا آهن جو انهيءَ (رات) ۾ توهان سڪون حاصل ڪيو. ۽ (انهيءَ ڏينهن ۾) توهان انهيءَ جو فضل ڳوليو انهيءَ لاءِ تہ توهان شڪر گذار بڻجو.

وَيَوْمَ يُنَادِيْهِمْ فَيَقُوْلُ اَيْنَ شُرَكَاۗءِيَ الَّذِيْنَ كُنْتُمْ تَزْعُمُوْنَ ۝

٧٥ ۽ جنهن ڏينهن هو انهن کي پڪاريندو ۽ چوندو تہ ڪٿي آهن اهي منهنجا گمان ڪيل شريڪ جن کي توهان (معبود) خيال ڪندا هئا.

وَنَزَعْنَا مِنْ كُلِّ اُمَّةٍ شَهِيْدًا فَقُلْنَا هَاتُوْا بُرْهَانَكُمْ فَعَلِمُوْٓا اَنَّ الْحَقَّ لِلّٰهِ وَضَلَّ عَنْهُمْ مَّا كَانُوْا يَفْتَرُوْنَ ۝ ع

٧٦ ۽ اسان هر هڪ امت مان هڪ شاهد ڪڍي ٻاهر ڪنداسين پوءِ چونداسين تہ پنهنجو دليل آڻيو. تڏهين اهي سمجهي ويندا تہ ڪامل حق الله وٽ ئي آهي ۽ انهن جو سمورو ڪوڙ ڳالهائڻ انهن کان ڇڏائجي ويندو.

اِنَّ قَارُوْنَ كَانَ مِنْ قَوْمِ مُوْسٰى فَبَغٰى عَلَيْهِمْ ۠ وَاٰتَيْنٰهُ

٧٧ قارون (دراصل) موسيٰ جي قوم مان هو.

مِنَ الْكُنُوْزِ مَآ اِنَّ مَفَاتِحَهٗ لَتَنُوْٓاُ بِالْعُصْبَةِ اُولِي الْقُوَّةِ ۗ اِذْ قَالَ لَهٗ قَوْمُهٗ لَا تَفْرَحْ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُحِبُّ الْفَرِحِيْنَ ۝

پر اهو انهن جي ني خلاف ظلم تي تيار ٿي ويو ۽ اسان انهيءَ کي ايترا خزانا ڏنا هئا جو انهن جون ڪنجيون هڪ مضبوط جماعت لاءِ بہ کڻڻ مشڪل هيون. (ياد ڪر) جڏهين انهيءَ جي قوم انهيءَ کي چيو تہ (ايترو) فخر نہ ڪر. الله فخر ڪرڻ وارن کي يقينن پسند نٿو ڪري.

وَابْتَغِ فِيْمَآ اٰتٰىكَ اللّٰهُ الدَّارَ الْاٰخِرَةَ وَلَا تَنْسَ نَصِيْبَكَ مِنَ الدُّنْيَا وَاَحْسِنْ كَمَآ اَحْسَنَ اللّٰهُ اِلَيْكَ وَلَا تَبْغِ الْفَسَادَ فِي الْاَرْضِ ۭ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُحِبُّ الْمُفْسِدِيْنَ ۝

٧٨. ۽ جيڪي ڪي توکي الله ڏنو آهي انهيءَ سان آخرت واري زندگي جي گهر جي ڳولا ڪر ۽ دنيوي زندگي مان توکي جيڪو حصو مليو آهي انهي کي بہ نہ وسار (اسان توکي هڪ حد تائين دنيا جي آرام جي استعمال کان روڪيون نہ ٿا) ۽ جهڙيءَ طرح الله توتي احسان ڪيو آهي تون بہ ماڻهن تي احسان ڪر ۽ ملڪ ۾ فساد پکيڙڻ جي ڪوشش نہ ڪر. الله يقينن فسادين کي پسند نٿو ڪري.

قَالَ اِنَّمَآ اُوْتِيْتُهٗ عَلٰي عِلْمٍ عِنْدِيْ ۭ اَوَلَمْ يَعْلَمْ اَنَّ اللّٰهَ قَدْ اَهْلَكَ مِنْ قَبْلِهٖ مِنَ الْقُرُوْنِ مَنْ هُوَ اَشَدُّ مِنْهُ قُوَّةً وَّاَكْثَرُ جَمْعًا ۭ وَلَا يُسْـَٔلُ عَنْ ذُنُوْبِهِمُ الْمُجْرِمُوْنَ ۝

٧٩. (قارون) چيو، هي سارو رتبو مونکي هڪ اهڙي علم جي سببان مليو آهي، جيڪو صرف مونکي حاصل آهي ڇا هو ڄاڻندو نہ هو تہ انهيءَ کان پهرين الله ڪيترن ئي نسلن کي جيڪي انهيءَ کان وڌيڪ طاقتور ۽ انهيءَ کان وڌيڪ مالدار هئا تباهہ ڪري ڇڏيو هو ۽ ڏوهارين کي (جڏهن عذاب ڏنو ويندو آهي تہ) انهن جي گناهن متعلق انهن کان پڇا ڳاڇا نہ ڪئي ويندي آهي.

فَخَرَجَ عَلٰي قَوْمِهٖ فِيْ زِيْنَتِهٖ ۭ قَالَ الَّذِيْنَ يُرِيْدُوْنَ الْحَيٰوةَ الدُّنْيَا يٰلَيْتَ لَنَا مِثْلَ مَآ اُوْتِيَ قَارُوْنُ ۙ اِنَّهٗ لَذُوْ حَظٍّ عَظِيْمٍ ۝

٨٠. (هڪ ڏينهن هينئن ٿيو جو) اهو پنهن جي قوم جي اڳيان پنهن جي زينت (يعني پنهن جي بادي گارڊ) سان نڪتو. انهيءَ تي اهي ماڻهو جيڪي دنيا جي زندگيءَ جو سامان چاهيندا هئا چئي اٿيا، اي ڪاش

اسانکي بہ اهو ڪجهہ ملي ها جو قارون کي ڏنو ويو. هن ڪي تہ (دنيا جو هڪ) وڏو حصو مليو آهي.

وَ قَالَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْعِلْمَ وَيْلَكُمْ ثَوَابُ اللّٰهِ خَيْرٌ لِّمَنْ اٰمَنَ وَعَمِلَ صَالِحًا ۚ وَلَا يُلَقّٰىهَآ اِلَّا الصّٰبِرُوْنَ ﴿۸۰﴾

٨١ـ ۽ جن ماڻهن کي علم ڏنو ويو هو انهن چيو، توهانجي ستيا ناس ـ الله جي طرفان ملڻ وارو بدلو مومن ۽ ايمان جي حال سارو عمل ڪرڻ واري لاءِ ڏاڍو سٺو هوندو آهي ۽ اهو (بدلو) صرف صبر ڪرڻ وارن جو گروهہ ئي حاصل ڪندو آهي.

فَخَسَفْنَا بِهٖ وَبِدَارِهِ الْاَرْضَ ۚ فَمَا كَانَ لَهٗ مِنْ فِئَةٍ يَّنْصُرُوْنَهٗ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ ۚ وَمَا كَانَ مِنَ الْمُنْتَصِرِيْنَ ﴿۸۱﴾

٨٢ـ پوءِ اسان انهي کي ۽ انهيءَ جي قبيلي کي مڪروهہ ڳالهين ۾ ڦاسائي ڇڏيو ۽ ڪابہ جماعت اهڙي نہ نڪتي جيڪا الله کانسواءِ انهيءَ جي مدد ڪري ۽ ڪنهن تدبير سان بہ هو (پنهن جي دشمن کان) بچي نہ سگهيو.

وَاَصْبَحَ الَّذِيْنَ تَمَنَّوْا مَكَانَهٗ بِالْاَمْسِ يَقُوْلُوْنَ وَيْكَاَنَّ اللّٰهَ يَبْسُطُ الرِّزْقَ لِمَنْ يَّشَآءُ مِنْ عِبَادِهٖ وَيَقْدِرُ ۚ لَوْلَآ اَنْ مَّنَّ اللّٰهُ عَلَيْنَا لَخَسَفَ بِنَا ۗ وَيْكَاَنَّهٗ لَا يُفْلِحُ الْكٰفِرُوْنَ ﴿۸۲﴾ ع

٨٣ـ ۽ اهي ماڻهو جيڪي ڪالهہ تائين انهيءَ جي جاءِ تي پهچڻ جي خواهش ڪندا هئا چوڻ لڳا توتي تباهي هجي. الله ئي يقينن پنهن جي ٻانهن مان جنهن لاءِ چاهيٿو رزق ۾ ڪشادگي ڏيئي ٿو ۽ جنهن لاءِ چاهي ٿو تنگي ڪريٿو جيڪڏهن اسانتي الله احسان نہ ڪيو هجي ها تہ اسانکي بہ مصيبتن جو شڪار ڪري ڇڏي ها. توتي تباهي هجي (ڳالهہ اها آهي تہ) ڪافر ڪڏهين بہ ڪامياب نہ ٿيندا آهن.

تِلْكَ الدَّارُ الْاٰخِرَةُ نَجْعَلُهَا لِلَّذِيْنَ لَا يُرِيْدُوْنَ عُلُوًّا فِي الْاَرْضِ وَلَا فَسَادًا ۚ وَالْعَاقِبَةُ لِلْمُتَّقِيْنَ ﴿۸۳﴾

٨٤ـ هي (جا) آخرت واري زندگي (آهي) اسان انهيءَ کي انهن لاءِ ئي مخصوص ڪري ٿا ڇڏيون جيڪي ملڪ ۾ نا جائز غلبو ۽ فساد نٿا چاهين ۽ پڇاڙي متقين جي ئي (سني) ٿيندي آهي.

مَنْ جَآءَ بِالْحَسَنَةِ فَلَهٗ خَيْرٌ مِّنْهَا ۚ وَمَنْ جَآءَ بِالسَّيِّئَةِ فَلَا يُجْزَى الَّذِيْنَ عَمِلُوا السَّيِّاٰتِ اِلَّا مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿٨٥﴾

٨٥- جيڪو ماڻهو پسنديده عمل ڪري انهيءَ کي انهيءَ کان بهتر بدلو ملندو ۽ جيڪو به برو عمل ڪندو ته برن عملن ڪرڻ وارن کي سندن پنهن جي عمل جي برابر بدلو ڏنو ويندو.

اِنَّ الَّذِيْ فَرَضَ عَلَيْكَ الْقُرْاٰنَ لَرَآدُّكَ اِلٰى مَعَادٍ ۚ قُلْ رَّبِّيْٓ اَعْلَمُ مَنْ جَآءَ بِالْهُدٰى وَمَنْ هُوَ فِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ ﴿٨٦﴾

٨٦- اهو خدا جنهن توتي هي قرآن فرض ڪيو آهي پنهن جي ذات جو قسم کائي چويٿو ته هو توکي انهيءَ جاءِ ڏانهن موٽائي آڻيندو جنهن ڏانهن ماڻهون وري وري موٽي ايندا آهن تون چئُ، منهن جو رب (انهيءَ کي به) چڱيءَ ريت ڄاڻي ٿو جيڪو هدايت تي قائم هوندو آهي ۽ (انهيءَ کي به) جيڪو ڪليل گمراهيءَ ۾ ڦاٿل هوندو آهي.

وَمَا كُنْتَ تَرْجُوْٓا اَنْ يُّلْقٰٓى اِلَيْكَ الْكِتٰبُ اِلَّا رَحْمَةً مِّنْ رَّبِّكَ فَلَا تَكُوْنَنَّ ظَهِيْرًا لِّلْكٰفِرِيْنَ ﴿٨٧﴾

٨٧- ۽ تون (ڪابه) اميد نه رکندو هئين ته توتي هڪ ڪامل ڪتاب نازل ٿيندو پر تنهن جي رب جي طرفان رحمت جي طور تي ائين ٿيو. پوءِ تون ڪافرن جو مددگار ڪڏهين به نه بڻج.

وَلَا يَصُدُّنَّكَ عَنْ اٰيٰتِ اللّٰهِ بَعْدَ اِذْ اُنْزِلَتْ اِلَيْكَ وَادْعُ اِلٰى رَبِّكَ وَلَا تَكُوْنَنَّ مِنَ الْمُشْرِكِيْنَ ﴿٨٨﴾

٨٨- ۽ توکي ڪوبه شخص هن ڪانپوءِ الله جون آيتون توتي نازل ڪيون ويون انهن کي روڪڻ وارو نه بڻجي ۽ تون پنهنجي رب ڏانهن (ماڻهن کي) سڏ ۽ مشرڪن ۾ شامل نه ٿيءَ.

وَلَا تَدْعُ مَعَ اللّٰهِ اِلٰهًا اٰخَرَ ۘ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۟ كُلُّ شَيْءٍ هَالِكٌ اِلَّا وَجْهَهٗ ۭ لَهُ الْحُكْمُ وَاِلَيْهِ تُرْجَعُوْنَ ﴿٨٩﴾

٨٩- ۽ (اي مخاطب) الله کانسواءِ ڪنهن به معبود کي نه پڪار انهيءَ کانسواءِ ڪوبه معبود ڪونهي. هر هڪ شئي تباهه ٿيڻي آهي سواءِ انهيءَ جي جنهن ڏانهن انهي (الله) جو توجه هجي. حڪم انهيءَ جي اختيار ۾ آهي. ۽ توهان سڀيئي انهيءَ ڏانهن موٽائي نيا ويندا.

## سُوْرَةُ الْعَنْكَبُوْتِ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ مَعَ الْبَسْمَلَةِ سَبْعُوْنَ اٰيَةً وَّسَبْعَةُ رُكُوْعَاتٍ

سورت عنكبوت - هي سورت مكي آهي ۽ بسم الله سميت هن جون ستر آيتون ۽ ست رڪوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ①

١- (مان) الله جو نالو وٺي جيڪو بيحد ڪرم ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي (پڙهانٿو)

الٓمّٓ ②

٢- مان الله سڀني کان وڌيڪ ڄاڻڻ وارو آهيان.

اَحَسِبَ النَّاسُ اَنْ يُّتْرَكُوْٓا اَنْ يَّقُوْلُوْٓا اٰمَنَّا وَهُمْ لَا يُفْتَنُوْنَ ③

٣- ڇا (هن زماني جي) ماڻهن اهو سمجهي ڇڏيو آهي تہ انهن جو هيءُ چوڻ تہ اسان ايمان آندو آهي (ڪافي ٿيندو) ۽ اهي ڇڏي ڏنا ويندا ۽ انهن کي آزمايو نہ ويندو.

وَلَقَدْ فَتَنَّا الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ فَلَيَعْلَمَنَّ اللّٰهُ الَّذِيْنَ صَدَقُوْا وَلَيَعْلَمَنَّ الْكٰذِبِيْنَ ④

٤- حالانڪ جيڪي (ماڻهو) انهن کان پهرين گذري چڪا آهن انهن کي اسان آزمايو هو (۽ هاڻي بہ اهو ائين ئي ڪندو) سو الله ظاهر ڪندو انهن کي بہ جن سچ ڳالهايو ۽ انهن کي بہ جن ڪوڙ ڳالهايو.

اَمْ حَسِبَ الَّذِيْنَ يَعْمَلُوْنَ السَّيِّاٰتِ اَنْ يَّسْبِقُوْنَا ۭ سَاۗءَ مَا يَحْكُمُوْنَ ⑤

٥- ڇا جيڪي ماڻهو بديون ڪن ٿا - اهي خيال ڪن ٿا تہ اهي اسانجي سزا کان بچي ويندا. انهن جو فيصلو ڏاڍو برو آهي.

مَنْ كَانَ يَرْجُوْا لِقَاۗءَ اللّٰهِ فَاِنَّ اَجَلَ اللّٰهِ لَاٰتٍ ۭ وَهُوَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ ⑥

٦- جيڪو ماڻهو الله جي ملاقات جي اميد رکيٿو (انهيءَ کي معلوم هئڻ گهرجي تہ) الله جو مقرر ڪيل وقت ضرور اچڻ وارو آهي ۽ اهو ڏاڍو ٻڌڻ وارو (۽) ڏاڍو ڄاڻڻ وارو آهي.

وَمَنْ جَاهَدَ فَاِنَّمَا يُجَاهِدُ لِنَفْسِهٖ ۭ اِنَّ اللّٰهَ لَغَنِيٌّ

٧- ۽ جيڪو شخص خدا جيلاءِ ڪوشش ڪري ٿو در حقيقت اهو پنهنجي جان جي لاءِ ئي

عَنِ الْعٰلَمِيْنَ ۝٦

ڪريٽو الله سڀني جهانن کان بي نياز آهي (۽ انهن جي عبادت جو محتاج ڪونهي).

وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ لَنُكَفِّرَنَّ عَنْهُمْ سَيِّاٰتِهِمْ وَلَنَجْزِيَنَّهُمْ اَحْسَنَ الَّذِيْ كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ۝٧

٨- ۽ جن ماڻهن ايمان آندو ۽ ايمان مطابق انهن عمل ڪيا اسان انهن جي بدين کي انهن کان پري ڪنداسين. ۽ جيڪو ڪم اهي ڪندا هئا انهيءَ جي مطابق جيڪا بهترين جزا انهن کي ملي سگهندي هوندي اها اسان انهن کي ڏينداسين.

وَوَصَّيْنَا الْاِنْسَانَ بِوَالِدَيْهِ حُسْنًا ؕ وَاِنْ جَاهَدٰكَ لِتُشْرِكَ بِيْ مَا لَيْسَ لَكَ بِهٖ عِلْمٌ فَلَا تُطِعْهُمَا ؕ اِلَيَّ مَرْجِعُكُمْ فَاُنَبِّئُكُمْ بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ۝٨

٩- ۽ اسان انسان کي پنهنجي والدين سان سٺو سلوڪ ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي ۽ (چيو آهي ته) جيڪڏهن اهي ٻئي توسان هن ڳالهه ۾ بحث ڪن ته تون ڪنهن کي منهنجو شريڪ ٺهراءِ حالانڪ انهيءَ جو توکي ڪوبه علم ڪونهي. تون انهن ٻنهي جي فرمانبرداري نه ڪر ڇو جو توهان سڀني کي مون ڏانهن ئي موٽي اچڻو آهي ۽ مان توهانجي عمل (جي نيڪي بدي) کان توهانکي واقف ڪندس.

وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ لَنُدْخِلَنَّهُمْ فِي الصّٰلِحِيْنَ ۝٩

١٠- ۽ جن ماڻهن ايمان آندو آهي ۽ ان مطابق انهن عمل به ڪيا آهن, اسان انهن کي چڱن ٻانهن ۾ داخل ڪنداسين.

وَمِنَ النَّاسِ مَنْ يَّقُوْلُ اٰمَنَّا بِاللّٰهِ فَاِذَآ اُوْذِيَ فِي اللّٰهِ جَعَلَ فِتْنَةَ النَّاسِ كَعَذَابِ اللّٰهِ ؕ وَلَئِنْ جَآءَ نَصْرٌ مِّنْ رَّبِّكَ لَيَقُوْلُنَّ اِنَّا كُنَّا مَعَكُمْ ؕ اَوَلَيْسَ اللّٰهُ بِاَعْلَمَ بِمَا فِيْ صُدُوْرِ الْعٰلَمِيْنَ ۝١٠

١١- ۽ ماڻهن مان (ڪي اهڙا به هوندا آهن) جيڪي چون ٿا ته اسان الله تي ايمان آندو آهي ۽ پوءِ جڏهين الله جي ڪري انهن کي تڪليف ڏني ويندي آهي اهي ماڻهن جي عذاب کي الله جي عذاب وانگر سمجهندا آهن ۽ جيڪڏهن تنهن جي رب جي طرفان مدد اچي ٿي ته اهي چون ٿا (درحقيقت) اسان به توهان سان هئاسين. ڇا دنيا جهان جي ماڻهن جي دلين ۾ جيڪي ڪجهه آهي انهيءَ

لَكُمْ رِزْقًا فَابْتَغُوْا عِنْدَ اللّٰهِ الرِّزْقَ وَاعْبُدُوْهُ وَاشْكُرُوْا لَهٗ ۭ اِلَيْهِ تُرْجَعُوْنَ ۱۸

جن جي توهان الله کانسواءِ پوڄا ڪيو ٿا توهانکي رزق نہ ٿيون ڏيئي سگهن. پوءِ الله کان پنهنجو رزق گهرو ۽ انهيءَ جي عبادت ڪيو ۽ انهيءَ جو شڪر ادا ڪيو. توهانکي انهيءَ ڏانهن موٽائي نيو ويندو.

وَاِنْ تُكَذِّبُوْا فَقَدْ كَذَّبَ اُمَمٌ مِّنْ قَبْلِكُمْ ۭ وَمَا عَلَى الرَّسُوْلِ اِلَّا الْبَلٰغُ الْمُبِيْنُ ۱۹

۱۹۔ ۽ جيڪڏهين توهان منهن جي ڳالهہ کي ڪوڙو ٺهرائيندو تہ (اها ڪا نئين ڳالهہ نہ آهي) توهان کان پهرين قومن بہ (پنهنجي رسولن کي) ڪوڙو ڪيو هو ۽ رسول جو ڪم تہ صرف کولي کولي پهچائڻ هوندو آهي (زبردستي مڃرائڻ نہ هوندو آهي).

اَوَلَمْ يَرَوْا كَيْفَ يُبْدِئُ اللّٰهُ الْخَلْقَ ثُمَّ يُعِيْدُهٗ ۭ اِنَّ ذٰلِكَ عَلَى اللّٰهِ يَسِيْرٌ ۲۰

۲۰۔ ڇا انهن کي معلوم ڪونهي تہ الله مخلوق کي ڪيئن پهريون دفعو شروع ڪندو آهي پوءِ انهيءَ کي وري وري موٽائيندو آهي هي ڪم الله جي لاءِ بلڪل آسان آهي.

قُلْ سِيْرُوْا فِي الْاَرْضِ فَانْظُرُوْا كَيْفَ بَدَاَ الْخَلْقَ ثُمَّ اللّٰهُ يُنْشِئُ النَّشْاَةَ الْاٰخِرَةَ ۭ اِنَّ اللّٰهَ عَلٰي كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ۲۱

۲۱۔ تون چؤ, ملڪ ۾ چوطرف گهمو ۽ ڏسو تہ الله مخلوق جي پيدائش ڪهڙي طرح شروع ڪئي هئي پوءِ مرڻ کانپوءِ انهن کي زنده ڪندو ويو الله هر هڪ شئي تي قادر آهي.

يُعَذِّبُ مَنْ يَّشَاۗءُ وَيَرْحَمُ مَنْ يَّشَاۗءُ ۚ وَاِلَيْهِ تُقْلَبُوْنَ ۲۲

۲۲۔ هو جنهن کي چاهيندو عذاب ڏيندو ۽ جنهن کي چاهيندو رحم ڪريندو ۽ انهيءَ ڏانهن توهانکي موٽائي آندو ويندو.

وَمَآ اَنْتُمْ بِمُعْجِزِيْنَ فِي الْاَرْضِ وَلَا فِي السَّمَاۗءِ ۡ وَمَا لَكُمْ مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ مِنْ وَّلِيٍّ وَّلَا نَصِيْرٍ ۲۳ ع

۲۳۔ ۽ توهان نہ زمين ۾ نہ آسمان ۾ خدا کي انهي جي مرضي جي خلاف مجبور ڪري سگهندؤ. ۽ خدا کانسواءِ نہ ڪو توهانجو دوست آهي نہ مددگار.

وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِاٰيٰتِ اللّٰهِ وَلِقَاۗىِٕهٖٓ اُولٰۗىِٕكَ يَىِٕسُوْا مِنْ رَّحْمَتِيْ وَاُولٰۗىِٕكَ لَهُمْ عَذَابٌ

۲۴۔ ۽ اهي ماڻهو جيڪي الله جي نشانن جو ۽ انهيءَ سان ملاقات هئڻ جو انڪار ڪن ٿا اهي ماڻهو اهڙا آهن جيڪي منهن جي رحمت

اَلِيْمٌ ﴿٢٤﴾

كان مايوس ٿي ويا آهن ۽ اهي ئي آهن جن کي دردناڪ عذاب ملندو.

فَمَا كَانَ جَوَابَ قَوْمِهٖٓ اِلَّآ اَنْ قَالُوا اقْتُلُوْهُ اَوْ حَرِّقُوْهُ فَاَنْجٰىهُ اللّٰهُ مِنَ النَّارِ ۭ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّقَوْمٍ يُّؤْمِنُوْنَ ﴿٢٥﴾

٢٥. پوءِ انهيءَ جي (يعني ابراهيمي) قوم جو جواب انهيءَ کانسواءِ ڪجهه نه هو ته انهن چيو هن کي قتل ڪري ڇڏيو. يا ان کي ماري ڇڏيو (جيئن ته انهن هن کي باهه ۾ وجهي ڇڏيو) پر الله هن کي باهه کان بچائي ورتو. انهيءَ ۾ يقينن مومن قوم لاءِ وڏا نشان آهن.

وَقَالَ اِنَّمَا اتَّخَذْتُمْ مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ اَوْثَانًا ۙ مَّوَدَّةَ بَيْنِكُمْ فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ۚ ثُمَّ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ يَكْفُرُ بَعْضُكُمْ بِبَعْضٍ وَّيَلْعَنُ بَعْضُكُمْ بَعْضًا ۡ وَّمَاْوٰىكُمُ النَّارُ وَمَا لَكُمْ مِّنْ نّٰصِرِيْنَ ﴿٢٦﴾

٢٦. (ابراهيم) چيو توهان الله کانسواءِ بتن سان تعلق قائم ڪري ڇڏيو آهي (۽ توهانجو اهو فعل) دنيوي زندگيءَ ۾ پنهن مشرڪن سان محبت وڌائڻ لاءِ (آهي) پوءِ قيامت جي ڏينهن توهان مان ڪي ڪن جو انڪار ڪندا ۽ توهان مان ڪي ڪن تي لعنت وجهندا ۽ توهانجو ٺڪاڻو دوزخ هوندو ۽ جن کي توهان مددگار سمجهو ٿا انهن مان ڪوبه توهانجي مدد لاءِ نه ايندو.

فَاٰمَنَ لَهٗ لُوْطٌ ۘ وَقَالَ اِنِّيْ مُهَاجِرٌ اِلٰى رَبِّيْ ۭ اِنَّهٗ هُوَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ﴿٢٧﴾

٢٧. هن (نصيحت) کانپوءِ لوط انهيءَ تي ايمان آندو ۽ (ابراهيم) چيو مان ته پنهنجي رب ڏانهن هجرت ڪري وڃڻ وارو آهيان.هو يقينن غالب (۽) وڏي حڪمت وارو آهي.

وَوَهَبْنَا لَهٗٓ اِسْحٰقَ وَيَعْقُوْبَ وَجَعَلْنَا فِيْ ذُرِّيَّتِهِ النُّبُوَّةَ وَالْكِتٰبَ وَاٰتَيْنٰهُ اَجْرَهٗ فِي الدُّنْيَا ۚ وَاِنَّهٗ فِي الْاٰخِرَةِ لَمِنَ الصّٰلِحِيْنَ ﴿٢٨﴾

٢٨. ۽ اسان هن کي اسحاق ۽ يعقوب بخشيو ۽ سندس اولاد سان نبوت ۽ ڪتاب مخصوص ڪري ڇڏيو ۽ اسان هن کي دنيا ۾ به انهيءَ جو اجر بخشيو ۽ آخرت ۾ به هو نيڪ ماڻهن ۾ شامل ڪيو ويندو.

وَلُوْطًا اِذْ قَالَ لِقَوْمِهٖٓ اِنَّكُمْ لَتَاْتُوْنَ الْفَاحِشَةَ ۡ مَا سَبَقَكُمْ بِهَا مِنْ اَحَدٍ مِّنَ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٢٩﴾

٢٩. ۽ لوط کي به (اسان رسول بنائي موڪليو) جڏهن ته هن پنهنجي قوم کي چيو ته توهان هڪ اهڙي بدي ڪيو ٿا

جيڪو ڪم دنيا ۾ توهان کان پهرين ڪنهن
ٻـہ نـہ ڪيو هو.

أَئِنَّكُمْ لَتَأْتُونَ الرِّجَالَ وَتَقْطَعُونَ السَّبِيلَ ۙ وَتَأْتُونَ فِي نَادِيكُمُ الْمُنْكَرَ ۖ فَمَا كَانَ جَوَابَ قَوْمِهِ إِلَّا أَنْ قَالُوا ائْتِنَا بِعَذَابِ اللَّهِ إِنْ كُنْتَ مِنَ الصَّادِقِينَ ﴿٣٠﴾

٣٠ـ ڇا توهان (عورتن کي ڇڏي) مردن ڏانهن
اچو ٿا ۽ ڌاڙا هڻو ٿا ۽ پنهنجي مجلسن ۾ اڻ
وڻندڙ حرڪتون ڪيو ٿا. انهيءَ تي سندس
قوم جو جواب انهيءَ کانسواءِ ڪجهہ نـہ هو
جو انهن چئي ڏنو، تہ جيڪڏهن تون سچن
ماڻهن مان آهين تہ الله جو عذاب اسان تي
نازل ڪر.

قَالَ رَبِّ انْصُرْنِي عَلَى الْقَوْمِ الْمُفْسِدِينَ ﴿٣١﴾

٣١ـ انهي تي لوط چيو، اي منهنجا رب!
فسادي قوم جي خلاف منهنجي مدد ڪر.

وَلَمَّا جَاءَتْ رُسُلُنَا إِبْرَاهِيمَ بِالْبُشْرَىٰ قَالُوا إِنَّا مُهْلِكُو أَهْلِ هَٰذِهِ الْقَرْيَةِ ۖ إِنَّ أَهْلَهَا كَانُوا ظَالِمِينَ ﴿٣٢﴾

٣٢ـ ۽ جڏهين اسانجي رسولن ابراهيم وٽ
خوشخبري آندي تہ انهي چيو اسان هن ڳوٺ
وارن کي تباهہ ڪرڻ وارا آهيون ـ ڇو جو هن
جا رهواسي ظالم آهن.

قَالَ إِنَّ فِيهَا لُوطًا ۚ قَالُوا نَحْنُ أَعْلَمُ بِمَنْ فِيهَا ۖ لَنُنَجِّيَنَّهُ وَأَهْلَهُ إِلَّا امْرَأَتَهُ كَانَتْ مِنَ الْغَابِرِينَ ﴿٣٣﴾

٣٣ـ (ابراهيم جواب ۾) چيو تہ هن (ڳوٺ)
۾ تہ لوط ٻـہ رهيٺو ،بهن چيو اسان هن
(ڳوٺ) جي رهڻ وارن کي چڱي طرح ڄاڻون
ٿا. اسان انهيءَ (يعني لوط) کي ۽ انهيءَ
جي گهر وارن کي سواءِ انهيءَ جي زال جي جا
پوئتي رهجي وڃڻ وارن ۾ شامل ٿي ويندي
ڇوٽڪارو ڏينداسين.

وَلَمَّا أَنْ جَاءَتْ رُسُلُنَا لُوطًا سِيءَ بِهِمْ وَضَاقَ بِهِمْ ذَرْعًا وَقَالُوا لَا تَخَفْ وَلَا تَحْزَنْ ۖ إِنَّا مُنَجُّوكَ وَأَهْلَكَ إِلَّا امْرَأَتَكَ كَانَتْ مِنَ الْغَابِرِينَ ﴿٣٤﴾

٣٤ـ ۽ جڏهين اسانجا رسول لوط وٽ آيا تہ
انهن جي ڪري هن کي ڏک پهتو پڻ انهي
جي ڪري سندس دل تنگ ٿي ويئي. ۽
(سندس انهيءَ حالت کي ڏسي انهن پيغام
آڻڻ وارن) چيو. ڪنهن (ايندڙ) ڳالهہ جو
خوف نـہ ڪر ۽ نـہ ڪنهن گذريل واقعي تي
افسوس ڪر. اسان توکي ۽ تنهنجي گهر وارن
کي سواءِ تنهن جي زال جي،جا پوئتي رهجي

وڃڻ وارن ۾ شامل ٿي ويندي، ڇوتہ ڪارو ڏيڻ وارا آهيون.

إِنَّا مُنْزِلُونَ عَلَىٰٓ أَهْلِ هَٰذِهِ الْقَرْيَةِ رِجْزًا مِّنَ السَّمَآءِ بِمَا كَانُوا يَفْسُقُونَ ﴿٣٤﴾

٣٥. اسان هن بستيءَ تي انهن جي نافرماني جي ڪري عذاب نازل ڪرڻ وارا آهيون.

وَلَقَد تَّرَكْنَا مِنْهَآ ءَايَةً بَيِّنَةً لِّقَوْمٍ يَعْقِلُونَ ﴿٣٥﴾

٣٦. ۽ اسان هن بستيءَ جي (واقعي جي) ذريعي هڪ کليل عبرت جو سامان عقل وارن ماڻهن لاءِ پوئتي ڇڏيو آهي.

وَإِلَىٰ مَدْيَنَ أَخَاهُمْ شُعَيْبًا فَقَالَ يَٰقَوْمِ اعْبُدُوا اللَّهَ وَارْجُوا الْيَوْمَ الْءَاخِرَ وَلَا تَعْثَوْا فِي الْأَرْضِ مُفْسِدِينَ ﴿٣٦﴾

٣٧. ۽ مدين ڏانهن اسان هنن جي ڀاءُ شعيب کي رسول بنائي موڪليو هو (جڏهن هو آيو تہ) هن چيو اي منهنجي قوم! الله جي عبادت ڪيو ۽ آخرت واري زندگي جي وقت کي ياد رکو ۽ اهڙا فساد جا ڪم نہ ڪيو جو ملڪ ۾ توهان جي ڪمن جي ڪري فساد پکڙجي وڃي.

فَكَذَّبُوهُ فَأَخَذَتْهُمُ الرَّجْفَةُ فَأَصْبَحُوا فِي دَارِهِمْ جَٰثِمِينَ ﴿٣٧﴾

٣٨. انهيءَ تي انهن هن کي ڪوڙو ڪري ڇڏيو ۽ هڪ زلزلي جي عذاب انهن کي اچي ورتو ـ جنهن جي نتيجي ۾ اهي پنهنجي گهرن ۾ (زمين سان) اونڌا ٿيل رهجي ويا.

وَعَادًا وَثَمُودَا۟ وَقَد تَّبَيَّنَ لَكُم مِّن مَّسَٰكِنِهِمْ وَزَيَّنَ لَهُمُ الشَّيْطَٰنُ أَعْمَٰلَهُمْ فَصَدَّهُمْ عَنِ السَّبِيلِ وَكَانُوا مُسْتَبْصِرِينَ ﴿٣٨﴾

٣٩. ۽ عاد کي بہ ۽ ثمود کي بہ (اسانجي طرفان هڪ زلزلي واري عذاب اچي ورتو) ۽ (اي اهل مڪہ!) توهانتي انهن جي گهرن جو حال ظاهر آهي ۽ شيطان انهن کي انهن جا عمل سٺا ڪري ڏيکاريا ۽ انهيءَ (شيطان) انهن کي (الله جي) رستي کان روڪيو حالانڪ اهي چڱي طرح سمجهندا هئا.

وَقَٰرُونَ وَفِرْعَوْنَ وَهَٰمَٰنَ وَلَقَدْ جَآءَهُم مُّوسَىٰ بِالْبَيِّنَٰتِ فَاسْتَكْبَرُوا فِي الْأَرْضِ وَمَا كَانُوا سَٰبِقِينَ ﴿٣٩﴾

٤٠. ۽ قارون ۽ فرعون ۽ هامان کي بہ (اسان عذاب ۾ گرفتار ڪيو) ۽ موسيٰ انهن وٽ ظاهر ظهور نشان کڻي آيو هو. پوءِ بہ (انهن نہ مڃيو پر) انهن ملڪ ۾ تڪبر وارو رويو

بَلْ هُوَ اٰيٰتٌۢ بَيِّنٰتٌ فِیْ صُدُوْرِ الَّذِیْنَ اُوْتُوا الْعِلْمَ ؕ
وَمَا یَجْحَدُ بِاٰیٰتِنَاۤ اِلَّا الظّٰلِمُوْنَ ﴿۵۰﴾

۵۰. پر هي (قرآن) تہ کليل نشانيون آهن، انهن ماڻهن جي دلين ۾ جن کي علم ڏنو ويو آهي ۽ اسانجي نشانين جو ظالمن کانسواءِ ڪوبہ انڪار نٿو ڪري.

وَقَالُوْا لَوْلَاۤ اُنْزِلَ عَلَیْهِ اٰیٰتٌ مِّنْ رَّبِّهٖ ؕ قُلْ اِنَّمَا
الْاٰیٰتُ عِنْدَ اللّٰهِ ؕ وَاِنَّمَاۤ اَنَا نَذِیْرٌ مُّبِیْنٌ ﴿۵۱﴾

۵۱. ۽ اهي چون ٿا تہ ڇو انهيءَ جي رب جي طرفان هن تي ڪي نشان نہ لٿا چوءِ تہ نشان تہ خدا وٽ آهن (جڏهن اهو فائدو ڏسي ٿو لاهيٿو) ۽ مان هڪ ظاهر ظهور هوشيار ڪرڻ وارو آهيان.

اَوَلَمْ یَكْفِهِمْ اَنَّاۤ اَنْزَلْنَا عَلَیْكَ الْكِتٰبَ یُتْلٰی عَلَیْهِمْ ؕ
اِنَّ فِیْ ذٰلِكَ لَرَحْمَةً وَّذِكْرٰی لِقَوْمٍ یُّؤْمِنُوْنَ ﴿۵۲﴾ ع

۵۲. ڇا انهن جي لاءِ (هي نشان) ڪافي نہ هو جو اسان تو تي هڪ ڪامل ڪتاب (قرآن) کي نازل ڪيو جيڪو انهن کي پڙهي ٻڌايو وڃيٿو هن ڳالهہ ۾ مومنن جي لاءِ بہ وڏي رحمت ۽ نصيحت جا سامان آهن.

قُلْ كَفٰی بِاللّٰهِ بَیْنِیْ وَبَیْنَكُمْ شَهِیْدًا ۚ یَعْلَمُ مَا فِی
السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ وَالَّذِیْنَ اٰمَنُوْا بِالْبَاطِلِ وَكَفَرُوْا
بِاللّٰهِ ۙ اُولٰٓئِكَ هُمُ الْخٰسِرُوْنَ ﴿۵۳﴾

۵۳. تون چوءِ منهن جي ۽ توهانجي وچ ۾ شاهد طور فيصلي ڪرڻ وارو الله ئي ڪافي آهي ۽ جيڪي ڪي آسمانن ۾ آهي ۽ زمين ۾ آهي انهيءَ کي هو ڄاڻي ٿو ۽ جيڪي ماڻهو ڪوڙ تي عمل ڪن ٿا ۽ الله جي حڪمن جو انڪار ڪن ٿا اهي ئي گهاٽي ۾ پوڻ وارا آهن.

وَیَسْتَعْجِلُوْنَكَ بِالْعَذَابِ ؕ وَلَوْلَاۤ اَجَلٌ مُّسَمًّی لَّجَآءَهُمُ
الْعَذَابُ ؕ وَلَیَاْتِیَنَّهُمْ بَغْتَةً وَّهُمْ لَا یَشْعُرُوْنَ ﴿۵۴﴾

۵۴. ۽ اهي ان کان عذاب جي جلد آڻڻ جي گهر ڪن ٿا ۽ جيڪڏهن هڪ مقرر وقت نہ هجي ها تہ عذاب انهن تي اچي وڃي ها ۽ هاڻي بہ اهو انهن وٽ ضرور (ايندو ۽) اوچتو ايندو اهڙي حالت ۾ جو انهن کي خبر بہ نہ پوندي.

یَسْتَعْجِلُوْنَكَ بِالْعَذَابِ ؕ وَاِنَّ جَهَنَّمَ لَمُحِیْطَةٌۢ بِالْكٰفِرِیْنَ ﴿۵۵﴾

۵۵. (۽) اهي توکان عذاب جي جلدي آڻڻ جي گهر ڪن ٿا ۽ جهنم ڪافرن کي يقينن تباهہ ڪرڻ وارو آهي.

وَالْاَرْضَ وَسَخَّرَ الشَّمْسَ وَالْقَمَرَ لَيَقُوْلُنَّ اللّٰهُ ۚ فَاَنّٰى يُؤْفَكُوْنَ ﴿٦٢﴾

تہ آسمانن ۽ زمين کي ڪنهن پيدا ڪيو آهي ۽ سج ۽ چنڊ کي (بنان مزوريءَ جي) ڪنهن انسانن جي خدمت ۾ لڳائي ڇڏيو آهي؟ تہ اهي چوندا تہ الله (پوءِ جڏهين اهي هيءَ ڳالهہ ڄاڻن ٿا) تہ ڪيڏانهن ڀلايا وڃن ٿا.

اَللّٰهُ يَبْسُطُ الرِّزْقَ لِمَنْ يَّشَآءُ مِنْ عِبَادِهٖ وَيَقْدِرُ لَهٗ ۭ اِنَّ اللّٰهَ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمٌ ﴿٦٣﴾

٦٣۔ الله ئي پنهن جن ٻانهن مان جنهن لاءِ گهرندو آهي رزق ڪشادو ڪري ڇڏيندو آهي ۽ جنهن لاءِ گهرندو آهي بند ڪري ڇڏيندو آهي الله يقينن هر شئي کان چڱي طرح واقف آهي.

وَلَىِٕنْ سَاَلْتَهُمْ مَّنْ نَّزَّلَ مِنَ السَّمَآءِ مَآءً فَاَحْيَا بِهِ الْاَرْضَ مِنْ بَعْدِ مَوْتِهَا لَيَقُوْلُنَّ اللّٰهُ ۭ قُلِ الْحَمْدُ لِلّٰهِ ۭ بَلْ اَكْثَرُهُمْ لَا يَعْقِلُوْنَ ﴿٦٤﴾

٦٤۔ ۽ جيڪڏهن تون انهن کان پڇين تہ ڪڪر مان پاڻي ڪنهن وسايو آهي ؟ ۽ پوءِ انهيءَ جي ذريعي زمين کي انهيءَ جي مرڻ کانپوءِ جيئرو ڪيو آهي؟ تہ اهي چوندا ـ يقينن الله تون چؤ تہ سڀ تعريف الله جي لاءِ ئي آهي پر انهن (انسانن) مان گهڻا سمجهن نٿا.

وَمَا هٰذِهِ الْحَيٰوةُ الدُّنْيَآ اِلَّا لَهْوٌ وَّلَعِبٌ ۭ وَاِنَّ الدَّارَ الْاٰخِرَةَ لَهِيَ الْحَيَوَانُ ۘ لَوْ كَانُوْا يَعْلَمُوْنَ ﴿٦٥﴾

٦٥۔ ۽ هيءَ دنيوي زندگي صرف هڪ غفلت ۽ راند جو سامان آهي ۽ آخرت جي زندگيءَ جو گهر ئي در حقيقت اصلي زندگيءَ جو گهر چوائي سگهيٿو ـ ڪاش جو اهي ماڻهو ڄاڻن ها.

فَاِذَا رَكِبُوْا فِي الْفُلْكِ دَعَوُا اللّٰهَ مُخْلِصِيْنَ لَهُ الدِّيْنَ ڬ فَلَمَّا نَجّٰىهُمْ اِلَى الْبَرِّ اِذَا هُمْ يُشْرِكُوْنَ ﴿٦٦﴾

٦٦۔ ۽ جڏهن اهي ماڻهو ٻيڙي ۾ سوار ٿين ٿا تہ پنهنجي عقيدت کي خالص الله جي لاءِ ڪري انهيءَ کان دعا گهرن ٿا پر جڏهن اهو کين خشڪي ڏانهن ڇوٽڪارو ڏيئي پهچائي ڇڏيٿو تہ اوچتو وري شرڪ ڪرڻ شروع ڪن ٿا.

لِيَكْفُرُوْا بِمَآ اٰتَيْنٰهُمْ ۚ وَلِيَتَمَتَّعُوْا ۫

٦٧۔ انهيءَ لاءِ تہ اسان جيڪي ڪي انهن کي ڏنو آهي انهيءَ جو انڪار ڪري ڇڏين (۽

وَالْأَرْضَ وَمَا بَيْنَهُمَآ إِلَّا بِالْحَقِّ وَأَجَلٍ مُّسَمًّى ۗ
وَإِنَّ كَثِيرًا مِّنَ النَّاسِ بِلِقَآئِ رَبِّهِمْ لَكٰفِرُونَ ⑨

ڪي انهن جي وچم آهي، خدا ڪنهن حڪمت جي مطابق ۽ هڪ مقرر وقت جي لاءِ پيدا ڪيو آهي پر ماڻهن مان گهڻا پنهن جي رب جي ملاقات ڪان منڪر آهن.

أَوَلَمْ يَسِيرُوا فِي الْأَرْضِ فَيَنظُرُوا كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ
الَّذِينَ مِن قَبْلِهِمْ ۚ كَانُوٓا أَشَدَّ مِنْهُمْ قُوَّةً وَأَثَارُوا
الْأَرْضَ وَعَمَرُوهَآ أَكْثَرَ مِمَّا عَمَرُوهَا وَجَآءَتْهُمْ
رُسُلُهُم بِالْبَيِّنٰتِ ۖ فَمَا كَانَ اللَّهُ لِيَظْلِمَهُمْ وَلٰكِن
كَانُوٓا أَنفُسَهُمْ يَظْلِمُونَ ⑩

۱۰- ڇا اهي زمين ۾ نه گهميا آهن ۽ هي نه ڏٺو اٿن ته جيڪي انهن کان پهرين ماڻهو ڪندا هئا تن جي پڇاڙي ڪهڙي ٿي هئي؟ اهي انهن کان وڌيڪ طاقتور هئا ۽ انهن زمين کي چڱيءَ طرح کيڙيو (يعني هر هلايو) هو ۽ انهيءَ کي هن کان وڌيڪ آباد ڪيو هو جيڪي هنن ڪيو آهي ۽ انهن جا رسول انهن وٽ دليل کڻي آيا هئا پر ڇاڪاڻ ته الله جي شان جي مطابق نه هو جو انهن تي ظلم ڪري ها. پر اهي ماڻهو خود پنهن جي جانين تي ظلم ڪري رهيا هئا.

ثُمَّ كَانَ عَاقِبَةَ الَّذِينَ أَسٰٓـُٔوا السُّوٓأَىٰٓ أَن كَذَّبُوا
بِـَٔايٰتِ اللَّهِ وَكَانُوا بِهَا يَسْتَهْزِءُونَ ⑪ ع

۱۱- پوءِ انهن ماڻهن جو جن بڇڙا ڪم ڪيا هئا الله جي آيتن جي انڪار ڪرڻ جي سببان برو انجام ٿيو ۽ اهي الله جي آيتن تي کلندا هئا.

اللَّهُ يَبْدَؤُا الْخَلْقَ ثُمَّ يُعِيدُهُۥ ثُمَّ إِلَيْهِ تُرْجَعُونَ ⑫

۱۲- الله دنيا جي پيدائش کي شروع به ڪري ٿو ۽ پوءِ انهيءَ سلسلي کي ٻيهر به بنائيندو رهي ٿو پوءِ توهان سڀئي انهيءَ ڏانهن موٽائي نيا ويندؤ.

وَيَوْمَ تَقُومُ السَّاعَةُ يُبْلِسُ الْمُجْرِمُونَ ⑬

۱۳- ۽ جنهن ڏينهن قيامت برپا ٿيندي، ڏوهاري مايوس ٿي ويندا.

وَلَمْ يَكُن لَّهُم مِّن شُرَكَآئِهِمْ شُفَعٰٓؤُا وَكَانُوا
بِشُرَكَآئِهِمْ كٰفِرِينَ ⑭

۱۴- ۽ ان کي اهي خدا جو شريڪ بنائيندا هئا انهن مان ڪوبه انهن جو شفاعت ڪندڙ نه بنيو ۽ اهي پنهن جي (بنايل) شريڪن جو انڪار ڪري ڇڏيندا.

وَيَوْمَ تَقُومُ السَّاعَةُ يَوْمَئِذٍ يَتَفَرَّقُونَ ⑮

۱۵- ۽ جنهن ڏينهن قيامت برپا ٿيندي انهيءَ

ڏينهن سڀ (مشرڪ) جدا جدا ٿي ويندا.

فَاَمَّا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ فَهُمْ فِيْ رَوْضَةٍ يُّحْبَرُوْنَ ﴿١٦﴾

١٦- پوءِ اهي ماڻهو جن ايمان آندو ۽ جن پنهنجي ايمان مطابق عمل بہ ڪيو انهن کي عاليشان باغ ۾ خوشي پهچائي ويندي.

وَاَمَّا الَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَكَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا وَلِقَآئِ الْاٰخِرَةِ فَاُولٰٓئِكَ فِي الْعَذَابِ مُحْضَرُوْنَ ﴿١٧﴾

١٧- ۽ اهي (ماڻهو) جن ڪفر ڪيو ۽ اسانجي آيتن جو ۽ آخرت واري زندگي جي حاصل ڪرڻ جو انڪار ڪيو. عذاب جي سامهون حاضر ڪيا ويندا.

فَسُبْحٰنَ اللّٰهِ حِيْنَ تُمْسُوْنَ وَحِيْنَ تُصْبِحُوْنَ ﴿١٨﴾

١٨- پوءِ الله جي تسبيح ڪيو - جڏهين توهان شام جي وقت ۾ داخل ٿيو يا صبح جي وقت ۾ داخل ٿيو.

وَلَهُ الْحَمْدُ فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَعَشِيًّا وَّحِيْنَ تُظْهِرُوْنَ ﴿١٩﴾

١٩- ۽ آسمانن ۽ زمين ۾ انهيءَ جي تعريف آهي ۽ ٽن پهرن ڪانپوءِ بہ انهيءَ جي تسبيح ڪيو ۽ اهڙيءَ طرح (ٺيڪ) ٻن پهرن جي وقت بہ.

يُخْرِجُ الْحَيَّ مِنَ الْمَيِّتِ وَيُخْرِجُ الْمَيِّتَ مِنَ الْحَيِّ وَيُحْيِ الْاَرْضَ بَعْدَ مَوْتِهَا ۚ وَكَذٰلِكَ تُخْرَجُوْنَ ﴿٢٠﴾

ع

٢٠- اهو جيئري کي مئل مان ڪڍي ٿو ۽ مئل کي جيئري مان ڪڍيٿو ۽ زمين کي انجي مرڻ ڪانپوءِ جيئرو ڪريٿو. ۽ اهڙي طرح توهان بہ ڪڍيا ويندو.

وَمِنْ اٰيٰتِهٖٓ اَنْ خَلَقَكُمْ مِّنْ تُرَابٍ ثُمَّ اِذَآ اَنْتُمْ بَشَرٌ تَنْتَشِرُوْنَ ﴿٢١﴾

٢١- ۽ انهيءَ جي نشانن مان (هڪ) هيءَ (نشان) بہ آهي جو انهيءَ توهانکي مٽيءَ مان پيدا ڪيو پوءِ انهيءَ پيدائش جي نتيجي ۾ توهان بشر بنجي وڃو ٿا ۽ (پوري زمين ۾) پکڙجي وڃو ٿا.

وَمِنْ اٰيٰتِهٖٓ اَنْ خَلَقَ لَكُمْ مِّنْ اَنْفُسِكُمْ اَزْوَاجًا لِّتَسْكُنُوْٓا اِلَيْهَا وَجَعَلَ بَيْنَكُمْ مَّوَدَّةً وَّرَحْمَةً ۚ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّقَوْمٍ يَّتَفَكَّرُوْنَ ﴿٢٢﴾

٢٢- ۽ انهيءَ جي نشانن مان (هڪ) هي (نشان) بہ آهي جو انهيءَ توهانجي ئي جنس مان توهان لاءِ جوڙا بنايا آهن انهيءَ لاءِ تہ توهان انهن جي طرف (مائل ٿي) آرام حاصل ڪيو ۽ توهانجي وچم پيار ۽ رحم جو لاڳاپو پيدا ڪيو آهي انهيءَ ۾ فڪر ڪرڻ واري

قوم جي جيلاءِ وڏا نشان آهن.

وَمِنْ اٰيٰتِهٖ خَلْقُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَاخْتِلَافُ اَلْسِنَتِكُمْ وَاَلْوَانِكُمْ ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّلْعٰلِمِيْنَ ﴿٢٢﴾

٢٢. ۽ انهيءَ جي نشانن مان آسمانن ۽ زمين جو پيدا ڪرڻ ۽ توهانجي ٻولين ۽ توهان جي رنگن جو اختلاف به آهي انهيءَ ۾ سڀني ڄاڻڻ وارن لاءِ وڏا نشان آهن.

وَمِنْ اٰيٰتِهٖ مَنَامُكُمْ بِالَّيْلِ وَالنَّهَارِ وَابْتِغَآؤُكُمْ مِّنْ فَضْلِهٖ ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّقَوْمٍ يَّسْمَعُوْنَ ﴿٢٣﴾

٢٣. ۽ انهيءَ جي نشانن مان رات جي وقت ۽ ڏينهن جي وقت توهانجو سمهڻ ۽ انهيءَ جي فضل حاصل ڪرڻ جيلاءِ محنت ڪرڻ به آهي. انهيءَ ۾ ٻڌڻ واري قوم جي لاءِ وڏا نشان آهن.

وَمِنْ اٰيٰتِهٖ يُرِيْكُمُ الْبَرْقَ خَوْفًا وَّطَمَعًا وَّيُنَزِّلُ مِنَ السَّمَآءِ مَآءً فَيُحْيٖ بِهِ الْاَرْضَ بَعْدَ مَوْتِهَا ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّقَوْمٍ يَّعْقِلُوْنَ ﴿٢٤﴾

٢٤. ۽ انهيءَ جي نشانن مان هيءُ به آهي جو هو توهانکي تجلي، خوف ۽ اميد پيدا ڪرڻ جي لاءِ ڏيکاريٿو ۽ ڪڪرن مان پاڻي وسائي ٿو - پوءِ انهيءَ جي وسيلي سان زمين کي انهيءَ جي مري وڃڻ ڪانپوءِ زنده ڪريٿو - انهيءَ ۾ عقل وارن ماڻهن لاءِ وڏا نشان آهن.

وَمِنْ اٰيٰتِهٖٓ اَنْ تَقُوْمَ السَّمَآءُ وَالْاَرْضُ بِاَمْرِهٖ ؕ ثُمَّ اِذَا دَعَاكُمْ دَعْوَةً ۖ مِّنَ الْاَرْضِ ۖ اِذَآ اَنْتُمْ تَخْرُجُوْنَ ﴿٢٥﴾

٢٥. ۽ انهيءَ جي نشانن مان آسمانن ۽ زمين جو انهيءَ جي حڪم سان مضبوط رهڻ به آهي - پوءِ (انهيءَ جو هي نشان به ظاهر ٿيندو ته) جڏهين هو توهانکي زمين مان نڪرڻ لاءِ هڪ آواز ڏيندو ته اوچتو توهان زمين مان نڪرڻ لڳندؤ.

وَلَهٗ مَنْ فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ كُلٌّ لَّهٗ قٰنِتُوْنَ ﴿٢٦﴾

٢٦. ۽ آسمانن ۽ زمين ۾ (رهڻ وارا) سڀيئي وجود انهيءَ جا فرمانبردار آهن.

وَهُوَ الَّذِيْ يَبْدَؤُا الْخَلْقَ ثُمَّ يُعِيْدُهٗ وَهُوَ اَهْوَنُ عَلَيْهِ ؕ وَلَهُ الْمَثَلُ الْاَعْلٰى فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۚ وَهُوَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ﴿٢٧﴾ ع ٤

٢٧. ۽ اهو پيدائش (عالم) کي شروع به ڪريٿو ۽ وري انهيءَ کي ٻيهر بنائيندو رهي ٿو.اهو فعل هن لاءِ تمام سولو آهي ۽ آسمانن ۽ زمين ۾ انهيءَ جو نشان سڀ کان مٿي آهي ۽ اهو غالب (۽) وڏي حڪمت وارو آهي.

ضَرَبَ لَكُمْ مَّثَلًا مِّنْ اَنْفُسِكُمْ ؕ هَلْ لَّكُمْ مِّنْ مَّا

٢٨. انهيءَ توهانجي سمجهاڻڻ جي لاءِ

ٿيو.

مِنَ الَّذِيْنَ فَرَّقُوْا دِيْنَهُمْ وَكَانُوْا شِيَعًا ۭ كُلُّ حِزْبٍۭ بِمَا لَدَيْهِمْ فَرِحُوْنَ ۝٣٢

٣٣. يعني انهن (مشرڪ) ماڻهن مان جن پنهنجي دين کي ڇڙوڇڙ ڪري ڇڏيو ۽ (دين کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري) مختلف فرقن ۾ ورهائجي ويا ۽ هرڪو ٽولو انهيءَ خيال کان خوش آهي تہ جيڪو ٽڪرو اسان ورتو آهي اهوئي بهتر آهي.

وَاِذَا مَسَّ النَّاسَ ضُرٌّ دَعَوْا رَبَّهُمْ مُّنِيْبِيْنَ اِلَيْهِ ثُمَّ اِذَآ اَذَاقَهُمْ مِّنْهُ رَحْمَةً اِذَا فَرِيْقٌ مِّنْهُمْ بِرَبِّهِمْ يُشْرِكُوْنَ ۝٣٣

٣٤. ۽ جڏهين انسانن کي ڪا تڪليف پهچي ٿي تہ اهي پنهنجي رب کي انهيءَ ڏانهن جهڪندي پڪارين ٿا. پوءِ جڏهين انهيءَ طرفان انهن کي ڪا رحمت پهچي ٿي تہ انهن مان هڪ ٽولو پنهنجي رب برابر شريڪ بنائڻ لڳي وڃيٿو.

لِيَكْفُرُوْا بِمَآ اٰتَيْنٰهُمْ ۭ فَتَمَتَّعُوْا ۣ فَسَوْفَ تَعْلَمُوْنَ ۝٣٤

٣٥. جنهن جو نتيجو اهو نڪري ٿو تہ جيڪي ڪي اسان انهن کي ڏنو آهي اهي عملي طور انهيءَ جو انڪار ڪرڻ لڳن ٿا (تڏهين انهن کي چيو وڃيٿو تہ دنيا مان) جيڪي ڪي فائدو وٺڻو آهي وٺو. چو جو توهان جلد ئي پنهنجي پڇاڙي ڏسي وٺندؤ.

اَمْ اَنْزَلْنَا عَلَيْهِمْ سُلْطٰنًا فَهُوَ يَتَكَلَّمُ بِمَا كَانُوْا بِهٖ يُشْرِكُوْنَ ۝٣٥

٣٦. ڇا اسان انهن جيلاءِ ڪوبہ (شرڪ جو) دليل لاٿو آهي جيڪو انهن سان اهي ڳالهيون ڪري ٿو جيڪي شرڪ جي متعلق اهي بيان ڪن ٿا.

وَاِذَآ اَذَقْنَا النَّاسَ رَحْمَةً فَرِحُوْا بِهَا ۭ وَاِنْ تُصِبْهُمْ سَيِّئَةٌۢ بِمَا قَدَّمَتْ اَيْدِيْهِمْ اِذَا هُمْ يَقْنَطُوْنَ ۝٣٦

٣٧. جڏهين اسان ماڻهن سان (رحم جو سلوڪ ڪيونٿا تہ اهي انهيءَ کان خوش ٿي وڃن ٿا ۽ جيڪڏهن انهن کي پنهن جن گذريل عملن جي سببان ڪا تڪليف پهچي ٿي تہ اهي اوچتو مايوس ٿي وڃن ٿا.

اَوَلَمْ يَرَوْا اَنَّ اللّٰهَ يَبْسُطُ الرِّزْقَ لِمَنْ يَّشَاۗءُ وَ

٣٨. ڇا انهن ڏٺو آهي تہ الله جنهن لاءِ پسند ڪريٿو رزق ڪشادو ڪري ڇڏيٿو ۽

يَقْدِرُ ۚ إِنَّ فِي ذَٰلِكَ لَآيَاتٍ لِّقَوْمٍ يُؤْمِنُونَ ﴿٣٨﴾

جنهن لاءِ پسند ڪري ٿو رزق تنگ ڪري ڇڏيندو انهيءَ ۾ ايمان آڻڻ وارن ماڻهن لاءِ تمام گهڻا نشان آهن.

فَآتِ ذَا الْقُرْبَىٰ حَقَّهُ وَالْمِسْكِينَ وَابْنَ السَّبِيلِ ۚ ذَٰلِكَ خَيْرٌ لِّلَّذِينَ يُرِيدُونَ وَجْهَ اللَّهِ ۖ وَأُولَٰئِكَ هُمُ الْمُفْلِحُونَ ﴿٣٩﴾

۳۹- پوءِ گهرجي (تہ جڏهين خدا رزق ۾ ڪشادگي ڏيئي تہ اي قرآن پڙهڻ وارا) ويجهي مسڪين ۽ مسافر کي انهيءَ جو حق بخش. هي ڳالهہ تمام بهتر آهي. انهن ماڻهن جي لاءِ جيڪي الله جي رضا حاصل ڪرڻ گهرن ٿا ۽ اهي ئي ماڻهو مرادوند ٿيڻ وارا آهن.

وَمَا آتَيْتُم مِّن رِّبًا لِّيَرْبُوَ فِي أَمْوَالِ النَّاسِ فَلَا يَرْبُو عِندَ اللَّهِ ۖ وَمَا آتَيْتُم مِّن زَكَاةٍ تُرِيدُونَ وَجْهَ اللَّهِ فَأُولَٰئِكَ هُمُ الْمُضْعِفُونَ ﴿٤٠﴾

۴۰- ۽ جيڪو روپيو اوهان وياج حاصل ڪرڻ لاءِ ڏيو ٿا, انهيءَ لاءِ تہ اهو ماڻهن جي مال ۾ وڌي, تہ اهو پيسو, الله جي حضور ۾ نٿو وڌي ۽ جيڪي توهان الله جي رضا حاصل ڪرڻ جي لاءِ زڪوات جي طور تي ڏيو ٿا تہ ياد رکو تہ اهڙي قسم جا ماڻهو خدا وٽ (پيسو) وڌائي رهيا آهن.

اللَّهُ الَّذِي خَلَقَكُمْ ثُمَّ رَزَقَكُمْ ثُمَّ يُمِيتُكُمْ ثُمَّ يُحْيِيكُمْ ۖ هَلْ مِن شُرَكَائِكُم مَّن يَفْعَلُ مِن ذَٰلِكُم مِّن شَيْءٍ ۚ سُبْحَانَهُ وَتَعَالَىٰ عَمَّا يُشْرِكُونَ ﴿٤١﴾ ع

۴۱- الله اهو آهي جنهن توهانکي پيدا ڪيو آهي پوءِ انهيءَ توهانکي رزق ڏنو آهي. پوءِ اهو توهانکي ماريندو, پوءِ توهانکي زنده ڪندو - ڇا توهانجي (ناهيل) شريڪن مان بہ ڪو اهڙو آهي جيڪو انهيءَ ڪم جو ڪو حصو بہ ڪندو هجي؟ اهو انهن جي شرڪ کان پاڪ ۽ بلند شان رکڻ وارو آهي.

ظَهَرَ الْفَسَادُ فِي الْبَرِّ وَالْبَحْرِ بِمَا كَسَبَتْ أَيْدِي النَّاسِ لِيُذِيقَهُم بَعْضَ الَّذِي عَمِلُوا لَعَلَّهُمْ يَرْجِعُونَ ﴿٤٢﴾

۴۲- (هن زماني ۾) خشڪيءَ ۽ پاڻيءَ ۾ ماڻهن جي ڪمن جي سببان فساد ظاهر ٿي ويو آهي جنهن جو نتيجو هي ٿيندو جو خدا ماڻهن کي انهن جي عملن جي ڪجهہ حصي جي سزا (هن دنيا ۾) ڏيندو انهيءَ لاءِ تہ اهي (پنهن جي نافرمانيءَ کان) موٽي اچن.

قُلْ سِيرُوا فِي الْأَرْضِ فَانْظُرُوا كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الَّذِينَ مِنْ قَبْلُ ۚ كَانَ أَكْثَرُهُمْ مُشْرِكِينَ ﴿٤٢﴾

۴۳- تون چؤ ملڪ ۾ گهمو - ۽ ڏسو تہ جيڪي ماڻهو توهان کان پهرين هئا انهن جي ڪهڙي پڇاڙي ٿي هئي انهن مان گهڻا مشرڪ هئا.

فَأَقِمْ وَجْهَكَ لِلدِّينِ الْقَيِّمِ مِنْ قَبْلِ أَنْ يَأْتِيَ يَوْمٌ لَا مَرَدَّ لَهُ مِنَ اللَّهِ ۖ يَوْمَئِذٍ يَصَّدَّعُونَ ﴿٤٣﴾

۴۴- پر تون پنهنجي ڌيان کي قائم رهڻ واري دين ڏانهن ڦيرائي ڇڏ انهيءَ کان پهرين جو اهو ڏينهن اچي جنهن کي ٽارڻ جيلاءِ الله جي طرفان ڪوبہ علاج نہ ٿيو آهي جنهن ڏينهن اهي (مومن ۽ ڪافر) هڪ ٻئي کان جدا ٿي ويندا.

مَنْ كَفَرَ فَعَلَيْهِ كُفْرُهُ ۖ وَمَنْ عَمِلَ صَالِحًا فَلِأَنْفُسِهِمْ يَمْهَدُونَ ﴿٤٤﴾

۴۵- جنهن ڪفر ڪيو انهي تي ڪفر جي مصيبت پوندي ۽ جنهن پنهنجي ايمان مطابق عمل ڪيو اهو پنهنجي ئي نفس جي فائدي جي لاءِ تياري ڪري رهيو آهي.

لِيَجْزِيَ الَّذِينَ آمَنُوا وَعَمِلُوا الصَّالِحَاتِ مِنْ فَضْلِهِ ۚ إِنَّهُ لَا يُحِبُّ الْكَافِرِينَ ﴿٤٥﴾

۴۶- انهيءَ لاءِ تہ خدا مومن ۽ پنهن جي ايمان جي مطابق عمل ڪرڻ وارن کي پنهنجي فضل سان جزا ڏيئي هو يقيناً منڪرن سان محبت نٿو ڪري.

وَمِنْ آيَاتِهِ أَنْ يُرْسِلَ الرِّيَاحَ مُبَشِّرَاتٍ وَلِيُذِيقَكُمْ مِنْ رَحْمَتِهِ وَلِتَجْرِيَ الْفُلْكُ بِأَمْرِهِ وَلِتَبْتَغُوا مِنْ فَضْلِهِ وَلَعَلَّكُمْ تَشْكُرُونَ ﴿٤٦﴾

۴۷- ۽ انهيءَ جي نشانن مان هڪڙو نشان هوائن کي بشارت ڏيندي موڪلڻ بہ آهي ۽ اهو انهيءَ لاءِ ائين ڪريٿو تہ اهو توهانکي پنهنجي رحمت (جو ميوو) چکائي - ۽ ٻيڙيون انهيءَ جي حڪم سان هلن ۽ توهان انهيءَ جي فضل کي حاصل ڪيو ۽ توهان شڪر گذار بنجو.

وَلَقَدْ أَرْسَلْنَا مِنْ قَبْلِكَ رُسُلًا إِلَىٰ قَوْمِهِمْ فَجَاءُوهُمْ بِالْبَيِّنَاتِ فَانْتَقَمْنَا مِنَ الَّذِينَ أَجْرَمُوا ۖ وَكَانَ حَقًّا عَلَيْنَا نَصْرُ الْمُؤْمِنِينَ ﴿٤٧﴾

۴۸- ۽ اسان توکان پهرين ڪيترا رسول انهن جي قومن ڏانهن موڪليا هئا پوءِ اهي انهن وٽ ڪليل نشان کڻي آيا ۽ اسان مجرمن کان مناسب بدلو ورتو. ۽ مومنن جي مدد ڪرڻ اسانجو فرض آهي.

اَللّٰهُ الَّذِيْ يُرْسِلُ الرِّيٰحَ فَتُثِيْرُ سَحَابًا فَيَبْسُطُهٗ
فِي السَّمَآءِ كَيْفَ يَشَآءُ وَيَجْعَلُهٗ كِسَفًا فَتَرَى الْوَدْقَ
يَخْرُجُ مِنْ خِلٰلِهٖ ۚ فَاِذَآ اَصَابَ بِهٖ مَنْ يَّشَآءُ مِنْ
عِبَادِهٖٓ اِذَا هُمْ يَسْتَبْشِرُوْنَ ﴿٤٩﴾

٤٩- الله اهو آهي جيڪو هوائن کي موڪلي ٿو - پوءِ اهي هوائون ڪڪرن جي شڪل ۾ بخار ڪٺن ٿيون. پوءِ اهو انهيءَ کي جهڙي طرح چاهيٿو آسمان ۾ پکيڙي ڇڏيٿو ۽ هو انهيءَ کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيٿو ۽ تون مينهن کي ڏسين ٿو ته انهيءَ (ڪڪر) مان چڪندو آهي پوءِ جڏهن خدا انهيءَ ڪڪر کي پنهن جن ٻانهن مان جنهن تائين پسند ڪري پهچائي ڇڏيٿو ته اوچتو اهي خوش ٿي وڃن ٿا:

وَاِنْ كَانُوْا مِنْ قَبْلِ اَنْ يُّنَزَّلَ عَلَيْهِمْ مِّنْ قَبْلِهٖ
لَمُبْلِسِيْنَ ﴿٥٠﴾

٥٠- جيتوڻيڪ اهي انهيءَ(بارش) جي نازل ٿيڻ کان پهرين بلڪل نا اميد ٿي ويا هئا.

فَانْظُرْ اِلٰٓى اٰثٰرِ رَحْمَتِ اللّٰهِ كَيْفَ يُحْيِ الْاَرْضَ بَعْدَ
مَوْتِهَا ۭ اِنَّ ذٰلِكَ لَمُحْيِ الْمَوْتٰى ۚ وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ
قَدِيْرٌ ﴿٥١﴾

٥١- پوءِ (اي مخاطب) الله جي رحمت جي نشانن کي ڏس ته هو ڪهڙي طرح زمين جي مري وڃڻ کانپوءِ انهن کي جيئرو ڪريٿو. اهوئي خدا آهي جيڪو(قيامت جي ڏينهن) مئلن کي جيئرو ڪندو ۽ هو هر شئي تي قادر آهي.

وَلَىِٕنْ اَرْسَلْنَا رِيْحًا فَرَاَوْهُ مُصْفَرًّا لَّظَلُّوْا مِنْۢ بَعْدِهٖ
يَكْفُرُوْنَ ﴿٥٢﴾

٥٢- ۽ جيڪڏهن اسان هوائون هلايون ۽ اهي ماڻهون انهي (يعني پوک) کي (هيڊو ٿيندي) ڏسن ته انهيءَ نظاري کانپوءِ (نصيحت حاصل ڪرڻ جي بدران) بي شڪر بنجي ويندا.

فَاِنَّكَ لَا تُسْمِعُ الْمَوْتٰى وَلَا تُسْمِعُ الصُّمَّ الدُّعَآءَ اِذَا
وَلَّوْا مُدْبِرِيْنَ ﴿٥٣﴾

٥٣- (پوءِ تون انهن کي اٿين ڪرڻ ڏي) جو جو نڪي تون مئلن کي ٻڌائي سگهين ٿو ۽ نه ٻوڙن کي انهيءَ وقت (پنهنجو آواز) ٻڌائي سگهين ٿو جڏهن اهي پٺي ڦيرائي موٽي وڃن.

وَمَآ اَنْتَ بِهٰدِ الْعُمْيِ عَنْ ضَلٰلَتِهِمْ ۭ اِنْ تُسْمِعُ اِلَّا

٥٤- ۽ نڪي تون انڌن کي انهن جي گمراهيءَ کان هٽائي سڌي رستي تي آڻي

مَنْ يُّؤْمِنُ بِاٰيٰتِنَا فَهُمْ مُّسْلِمُوْنَ ۝٥٣

سگهين ٿو. تون صرف انهن کي ٻڌائي سگهين ٿو جيڪي اسانجي آيتن تي ايمان آڻين ٿا ۽ اهي فرمانبردار بنجي وڃن ٿا.

اَللّٰهُ الَّذِيْ خَلَقَكُمْ مِّنْ ضُعْفٍ ثُمَّ جَعَلَ مِنْ بَعْدِ
ضُعْفٍ قُوَّةً ثُمَّ جَعَلَ مِنْ بَعْدِ قُوَّةٍ ضُعْفًا وَّشَيْبَةً ۭ
يَخْلُقُ مَا يَشَاۗءُ ۚ وَهُوَ الْعَلِيْمُ الْقَدِيْرُ ۝٥٤

۵۵. الله اهوئي آهي جنهن توهانکي انهيءَ حالت ۾ پيدا ڪيو جو توهانجي اندر ڪمزوري هوندي هئي پوءِ ڪمزوريءَ کانپوءِ توهانکي قوت بخشيائين وري قوت کانپوءِ ڪمزوري ۽ پيري ڏني. اهو جنهن شئي کي چاهيٿو پيدا ڪري ٿو ۽ هو وڏي علم وارو (۽) قدرت وارو آهي.

وَيَوْمَ تَقُوْمُ السَّاعَةُ يُقْسِمُ الْمُجْرِمُوْنَ ۙ مَا لَبِثُوْا
غَيْرَ سَاعَةٍ ۭ كَذٰلِكَ كَانُوْا يُؤْفَكُوْنَ ۝٥٥

۵۶. ۽ جنهن وقت مقرر ڪيل گهڙي اچي ويندي ڏوهاري قسم کڻندا ته اهي هڪ ننڍي ويرم کانسواءِ (دنيا ۾) نه رهيا. اهي اهڙي طرح ابتيون سبتيون ڳالهيون بنائين ٿا.

وَقَالَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْعِلْمَ وَالْاِيْمَانَ لَقَدْ لَبِثْتُمْ
فِيْ كِتٰبِ اللّٰهِ اِلٰى يَوْمِ الْبَعْثِ ۡ فَهٰذَا يَوْمُ الْبَعْثِ وَ
لٰكِنَّكُمْ كُنْتُمْ لَا تَعْلَمُوْنَ ۝٥٦

۵۷. ۽ اهي ماڻهو جن کي علم ۽ ايمان ڏنو ويو آهي چوندا توهان الله جي حساب ۾ انهيءَ ڏينهن تائين ترسيا آهيو، جيڪو توهانجي وري اپرڻ لاءِ مقرر هو ۽ (ياد رکو) اهو ئي وري اپرڻ جو ڏينهن آهي پر توهان ڄاڻو نٿا.

فَيَوْمَئِذٍ لَّا يَنْفَعُ الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا مَعْذِرَتُهُمْ وَلَا هُمْ
يُسْتَعْتَبُوْنَ ۝٥٧

۵۸. پوءِ اڄ ظالمن کي انهن جو ڪوبه عذر نفعو نه ڏيندو ۽ نه ڪي انهن کي معاف ڪري ڏيڻ تائين اڄڻ جو موقعو ڏنو ويندو.

وَلَقَدْ ضَرَبْنَا لِلنَّاسِ فِيْ هٰذَا الْقُرْاٰنِ مِنْ كُلِّ
مَثَلٍ ۭ وَلَىِٕنْ جِئْتَهُمْ بِاٰيَةٍ لَّيَقُوْلَنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا
اِنْ اَنْتُمْ اِلَّا مُبْطِلُوْنَ ۝٥٨

۵۹. ۽ اسان هن قرآن ۾ هر قسم جون حقيقتون کولي کولي بيان ڪري ڇڏيون آهن ۽ جيڪڏهن تون انهن وٽ ڪو نشان آڻين ته ڪافر ضرور چوندا ته توهان ماڻهو ته صرف ڪوڙيون ڳالهيون پيش ڪرڻ وارا آهيو.

كَذٰلِكَ يَطْبَعُ اللّٰهُ عَلٰي قُلُوْبِ الَّذِيْنَ لَا يَعْلَمُوْنَ ۝٥٩

۶۰. اهڙي طرح الله بي علم ماڻهن جي دلين تي مهر لڳائي ڇڏيندو.

فَاصْبِرْ اِنَّ وَعْدَ اللّٰهِ حَقٌّ وَّ لَا يَسْتَخِفَّنَّكَ الَّذِيْنَ
لَا يُوْقِنُوْنَ ﴿٦١﴾ ع

٦١. پوءِ (اي قرآن جا مخاطب) مضبوطيءَ سان (پنهنجي ايمان تي) قائم رهه، الله جو واعدو ضرور پورو ٿي رهندو ؛ گهرجي تہ جيڪي ماڻهون يقين نٿا رکن اهي توکي دوکو ڏيئي (پنهنجي جڳهہ کان) هٽائي نہ ڇڏين.

سُوۡرَةُ لُقۡمٰنَ مَكِّيَّةٌ وَّهِیَ مَعَ الۡبَسۡمَلَةِ خَمۡسٌ وَّثَلٰثُوۡنَ اٰيَةً وَّاَرۡبَعَةُ رُكُوۡعَاتٍ

سورت لقمان - هي سورت مڪي آهي ۽ بسم الله سميت هن جون پنجٽيهہ آيتون ۽ چار رڪوع آهن.

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ⓵
١- (مان) الله جو نالو وٺي جيڪو بيحد ڪرم ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي (پڙهاڻنو)

الٓمّٓ ⓶
٢- مان الله سڀ ڪان وڌيڪ ڄاڻندڙ آهيان.

تِلۡكَ اٰيٰتُ الۡكِتٰبِ الۡحَكِيۡمِ ⓷
٣- هي (يعني هن سورت جون آيتون) هن ڪامل ڪتاب جون آيتون آهن جيڪو وڏين حڪمتن وارو آهي .

هُدًى وَّرَحۡمَةً لِّلۡمُحۡسِنِيۡنَ ⓸
٤- (۽) پنهن جن فرضن کي صحيح طرح سان ادا ڪرڻ وارن لاءِ هدايت ۽ رحمت جو سبب آهي.

الَّذِيۡنَ يُقِيۡمُوۡنَ الصَّلٰوةَ وَيُؤۡتُوۡنَ الزَّكٰوةَ وَهُمۡ بِالۡاٰخِرَةِ هُمۡ يُوۡقِنُوۡنَ ⓹
٥- اهي ماڻهو جيڪي نماز کي (انهيءَ جي شرطن سان) ادا ڪن ٿا ۽ (غريبن ۽ مسڪينن کي) زڪوات ڏيندا رهن ٿا ۽ آخرت جي زندگيءَ تي يقين رکن ٿا.

اُولٰٓئِكَ عَلٰى هُدًى مِّنۡ رَّبِّهِمۡ وَاُولٰٓئِكَ هُمُ الۡمُفۡلِحُوۡنَ ⓺
٦- هي ماڻهو پنهن جي رب جي طرفان اچڻ واري هدايت تي بہ مضبوطيءَ سان قائم آهن ۽ اهڙائي ماڻهو (هر ميدان ۾) ڪامياب ٿيندا.

وَمِنَ النَّاسِ مَنۡ يَّشۡتَرِىۡ لَهۡوَ الۡحَدِيۡثِ لِيُضِلَّ عَنۡ سَبِيۡلِ اللّٰهِ بِغَيۡرِ عِلۡمٍ ۖ وَّيَتَّخِذَهَا هُزُوًا ؕ اُولٰٓئِكَ لَهُمۡ عَذَابٌ مُّهِيۡنٌ ⓻
٧- ۽ ماڻهن مان ڪي اهڙا آهن جيڪي (پنهن جو پيسو ضائع ڪري) ڪيل تماشي جون ڳالهيون وٺندا رهن ٿا انهيءَ لاءِ تہ علم کانسواءِ ماڻهن کي الله جي رستي کان روڪين ۽ انهيءَ (يعني الله جي رستي) کي کل جي لائق شيءِ بنائي ٿا ڇڏين.انهن ماڻهن

۽ جيڪو بي شڪري ڪري ٿو (انهيءَ ڪي ياد رکڻ گهرجي تہ) الله هر قسم جي شڪرن کان بي نياز آهي (۽) وڏي تعريف وارو آهي.

وَاِذْ قَالَ لُقْمٰنُ لِابْنِهٖ وَهُوَ يَعِظُهٗ يٰبُنَيَّ لَا تُشْرِكْ بِاللّٰهِ ؕ اِنَّ الشِّرْكَ لَظُلْمٌ عَظِيْمٌ ⑬

وقف النبي صلى الله عليه وسلم

١٤- ۽ (ياد ڪيو) جڏهين لقمان پنهن جي پٽ کي نصيحت ڪندي چيو اي منهنجا پٽ! الله جو شريڪ ڪنهن کي بہ نہ ٺهراءِ شرڪ يقينن تمام وڏو ظلم آهي.

وَوَصَّيْنَا الْاِنْسَانَ بِوَالِدَيْهِ ۚ حَمَلَتْهُ اُمُّهٗ وَهْنًا عَلٰى وَهْنٍ وَّ فِصٰلُهٗ فِيْ عَامَيْنِ اَنِ اشْكُرْ لِيْ وَلِوَالِدَيْكَ ؕ اِلَيَّ الْمَصِيْرُ ⑭

النصف

١٥- ۽ اسان هيءَ چوندي تہ منهنجو ۽ پنهن جي والدين جو شڪريو ادا ڪر- انسان کي پنهن جي والدين جي متعلق (احسان ڪرڻ جو) تاڪيدي حڪم ڏنو هو (۽) انهيءَ جي ماءُ انهيءَ کي ڪمزوريءَ جي (هڪ دور کان) پوءِ ڪمزوري (جي ٻئي دور) ۾ کنيو هو ۽ انهيءَ جو ٿڃ ڇڏائڻ ٻن سالن جي عرصي ۾ هو (ياد رکو تہ) منهن جي ئي طرف (توکي) موٽي اچڻو پوندو.

وَاِنْ جَاهَدٰكَ عَلٰۤى اَنْ تُشْرِكَ بِيْ مَا لَيْسَ لَكَ بِهٖ عِلْمٌ ۙ فَلَا تُطِعْهُمَا وَصَاحِبْهُمَا فِي الدُّنْيَا مَعْرُوْفًا ؗ وَّاتَّبِعْ سَبِيْلَ مَنْ اَنَابَ اِلَيَّ ۚ ثُمَّ اِلَيَّ مَرْجِعُكُمْ فَاُنَبِّئُكُمْ بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ⑮

١٦- ۽ جيڪڏهين اهي ٻئي توسان بحث ڪن تہ تون ڪنهن کي منهن جو شريڪ مقرر ڪر جنهن جو توکي ڪوبہ علم ڪونهي تہ انهن ٻنهي جي ڳالهہ نہ مڃ - ها دنيوي معاملات ۾ انهن سان نيڪ تعلقات قائم رکج ۽ انهيءَ شخص جي پويان هلج جيڪو مون ڏانهن جهڪي ٿو ۽ توهان سڀني جو موٽڻ مون ڏانهن ئي ٿيندو - انهيءَ وقت مان توهانکي توهانکي عمل جي سڌ ڏيندس.

يٰبُنَيَّ اِنَّهَاۤ اِنْ تَكُ مِثْقَالَ حَبَّةٍ مِّنْ خَرْدَلٍ فَتَكُنْ فِيْ صَخْرَةٍ اَوْ فِي السَّمٰوٰتِ اَوْ فِي الْاَرْضِ يَاْتِ بِهَا اللّٰهُ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَطِيْفٌ خَبِيْرٌ ⑯

١٧- (لقمان چيو تہ) اي منهنجا پٽ! ڳالهہ هيءَ آهي تہ هڪ عمل اهر جي داڻي جي برابر بہ هجي پوءِ اهو (اهر جي برابر عمل ڪنهن) پٿر ۾ يا آسمانن ۾ يا زمين ۾ لڪل هجي تہ الله انهيءَ کي ظاهر ڪري ڇڏيندو.

جو بہ مستحق آهي.

وَلَوْ اَنَّ مَا فِي الْاَرْضِ مِنْ شَجَرَةٍ اَقْلَامٌ وَّ الْبَحْرُ يَمُدُّهٗ مِنْۢ بَعْدِهٖ سَبْعَةُ اَبْحُرٍ مَّا نَفِدَتْ كَلِمٰتُ اللّٰهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَزِيْزٌ حَكِيْمٌ ﴿۲۸﴾

٢٨. ۽ جيڪڏهين زمين ۾ جيترا وڻ آهن انهن جا قلم بنائجن ۽ سمنڊ مس سان ڀريل هجي. اهڙيءَ طرح جو ست ٻيا مس جا سمنڊ انهيءَ ۾ ملايا وڃن تہ بہ الله جا نشان ختم نہ ٿيندا. الله يقين غالب (۽) وڏين حڪمتن وارو آهي.

مَا خَلْقُكُمْ وَلَا بَعْثُكُمْ اِلَّا كَنَفْسٍ وَّاحِدَةٍ ؕ اِنَّ اللّٰهَ سَمِيْعٌۢ بَصِيْرٌ ﴿۲۹﴾

٢٩. توهان سڀني جي پيدائش ۽ توهانکي زندهہ ڪري اٿارڻ صرف هڪ شخص جي پيدائش وانگر آهي الله يقينن گھڻو ٻڌڻ وارو (۽) گھڻو ڏسڻ وارو آهي.

اَلَمْ تَرَ اَنَّ اللّٰهَ يُوْلِجُ الَّيْلَ فِي النَّهَارِ وَيُوْلِجُ النَّهَارَ فِي الَّيْلِ وَسَخَّرَ الشَّمْسَ وَالْقَمَرَ ؗ كُلٌّ يَّجْرِيْۤ اِلٰۤى اَجَلٍ مُّسَمًّى وَّاَنَّ اللّٰهَ بِمَا تَعْمَلُوْنَ خَبِيْرٌ ﴿۳۰﴾

٣٠. ڇا تو ڏٺو نہ آهي تہ الله رات کي ڏينهن ۾ داخل ڪري ڇڏيٿو ۽ ڏينهن کي رات ۾ داخل ڪري ڇڏيٿو ۽ سج ۽ چنڊ کي انهيءَ خدمت تي لڳائي ڇڏيو آهي. انهن مان هر هڪ مقرر مدي تائين هلندو هلي ٿو ۽ الله توهانجن عملن کان چڱيءَ طرح واقف آهي.

ذٰلِكَ بِاَنَّ اللّٰهَ هُوَ الْحَقُّ وَاَنَّ مَا يَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِهِ الْبَاطِلُ ۙ وَاَنَّ اللّٰهَ هُوَ الْعَلِيُّ الْكَبِيْرُ ﴿۳۱﴾ ع

٣١. اهو سڀ ڪجهہ انهيءَ ڪري ٿي رهيو آهي جو الله جي ذات سچي ۽ قائم رهڻ واري آهي ۽ انهيءَ ڪري بہ جو جن کي ماڻهو انهيءَ کانسواءِ پڪارين ٿا اهي ڪوڙا ۽ فنا ٿيڻ وارا آهن ۽ الله يقينن ڏاڍو بلند ۽ وسيع شان وارو آهي.

اَلَمْ تَرَ اَنَّ الْفُلْكَ تَجْرِيْ فِي الْبَحْرِ بِنِعْمَتِ اللّٰهِ لِيُرِيَكُمْ مِّنْ اٰيٰتِهٖ ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّكُلِّ صَبَّارٍ شَكُوْرٍ ﴿۳۲﴾

٣٢. ڇا تون ڏٺو نہ آهي تہ ٻيڙيون الله جي نعمت سان سمنڊ ۾ هلن ٿيون انهيءَ لاءِ تہ اهو توهانکي پنهن جا نشان ڏيکاري.انهيءَ ۾ هر ڪنهن وڏي صابر ۽ هر ڪنهن وڏي شڪر گذار ٻانهي جي لاءِ ڏاڍا نشان آهن.

وَاِذَا غَشِيَهُمْ مَّوْجٌ كَالظُّلَلِ دَعَوُا اللّٰهَ مُخْلِصِيْنَ

٣٣. ۽ جڏهين انهن کي ڪا لهر ڇاڃي وانگر ڍڪي ٿي ڇڏي تہ اهي عبادت کي صرف

لَهُ الدِّيْنَ ۚ فَلَمَّا نَجّٰهُمْ اِلَى الْبَرِّ فَمِنْهُمْ مُّقْتَصِدٌ ۚ
وَمَا يَجْحَدُ بِاٰيٰتِنَآ اِلَّا كُلُّ خَتَّارٍ كَفُوْرٍ ﴿٣٢﴾

الله جي لاءِ مخصوص ڪندي انهيءَ کي سڏارن ٿا. پوءِ جڏهين اهو انهن کي خشڪي ڏانهن ڇوٽڪارو ڏئي ٿو تہ انهن مان ڪي ماڻهو وچٿرائيءَ تي قائم رهن ٿا (۽ ڪي وري اهوئي ظلم ۽ شرڪ ڪرڻ لڳن ٿا) ۽ اسانجن آيتن جو انڪار صرف بدعهد ۽ بي شڪرو ئي ڪندو آهي.

يٰٓاَيُّهَا النَّاسُ اتَّقُوْا رَبَّكُمْ وَاخْشَوْا يَوْمًا لَّا يَجْزِيْ
وَالِدٌ عَنْ وَّلَدِهٖ ۡ وَلَا مَوْلُوْدٌ هُوَ جَازٍ عَنْ وَّالِدِهٖ
شَيْـًٔا ۭ اِنَّ وَعْدَ اللّٰهِ حَقٌّ فَلَا تَغُرَّنَّكُمُ الْحَيٰوةُ الدُّنْيَا ۪
وَلَا يَغُرَّنَّكُمْ بِاللّٰهِ الْغَرُوْرُ ﴿٣٣﴾

۳۴. اي انسانو! پنهن جي رب جي تقوي اختيار ڪيو ۽ انهيءَ ڏينهن کان ڊڄو جنهن ڏينهن ڪو پيءُ بہ پنهنجي پٽ جي ڪم نہ اچي سگهندو ۽ نہ ڪو پٽ پنهنجي پيءُ جي ڪم اچي سگهندو. الله جو واعدو ضرور پورو ٿي رهندو آهي - پوءِ دنيا جي زندگي توهانکي دوکي ۾ نہ وجهي ڇڏي ۽ نہ دوکي ڏيڻ وارو شيطان توهانکي الله جي باري ۾ دوکي ۾ وجهي.

اِنَّ اللّٰهَ عِنْدَهٗ عِلْمُ السَّاعَةِ ۚ وَيُنَزِّلُ الْغَيْثَ ۚ وَيَعْلَمُ
مَا فِي الْاَرْحَامِ ۭ وَمَا تَدْرِيْ نَفْسٌ مَّاذَا تَكْسِبُ غَدًا ۭ
وَمَا تَدْرِيْ نَفْسٌۢ بِاَيِّ اَرْضٍ تَمُوْتُ ۭ اِنَّ اللّٰهَ عَلِيْمٌ
خَبِيْرٌ ﴿٣٤﴾ ع

۳۵. قيامت (يا ڪنهن قوم جي آخري فيصلي) جو علم الله ئي کي آهي ۽ اهو ئي بارش نازل ڪري ٿو ۽ ڳپيرٽين ۾ جيڪي ڪي آهي انهيءَ کي ڄاڻي ٿو ۽ ڪو شخص نٿو ڄاڻي تہ سڀاڻي اهو ڪهڙو عمل ڪندو ۽ نہ ڪو بہ شخص ڄاڻيٿو تہ اهو ڪهڙي زمين ۾ مرندو - الله ئي يقينن ڄاڻڻ وارو (۽) خبر رکڻ وارو آهي.

## سُوْرَةُ السَّجْدَةِ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ مَعَ الْبَسْمَلَةِ اِحْدٰى وَّثَلٰثُوْنَ اٰيَةً وَّثَلٰثَةُ رُكُوْعَاتٍ

سورت سجده - هي سورت مڪي آهي ۽ بسم الله سميت هن جون ايڪٽيهه آيتون ۽ ٽي رڪوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ①

١- (مان) الله جو نالو وٺي جيڪو بيحد ڪرم ڪرڻ وارو ۽ بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي (پڙهانٿو)

الٓمّٓ ②

٢- مان الله آهيان جيڪو سڀني کان وڌيڪ ڄاڻان ٿو.

تَنْزِيْلُ الْكِتٰبِ لَا رَيْبَ فِيْهِ مِنْ رَّبِّ الْعٰلَمِيْنَ ③

٣- هن ڪتاب جو (جنهن جي هيءَ هڪ سورت آهي) رب العالمين جي طرفان لاهڻ هڪ يقيني ڳالهه آهي، جنهن ۾ ڪوبه شڪ ڪونهي.

اَمْ يَقُوْلُوْنَ افْتَرٰىهُ ۚ بَلْ هُوَ الْحَقُّ مِنْ رَّبِّكَ لِتُنْذِرَ قَوْمًا مَّآ اَتٰىهُمْ مِّنْ نَّذِيْرٍ مِّنْ قَبْلِكَ لَعَلَّهُمْ يَهْتَدُوْنَ ④

٤- ڇا اهي ماڻهو چون ٿا ته هن شخص (يعني محمد رسول الله صلي الله عليه وسلم) هن کي پنهنجي طرفان ٺاهيو آهي. ائين ڪونهي پر هي ڪتاب تنهن جي رب جي طرفان نازل ٿيڻ وارو (۽ قائم رهڻ وارو) ڪتاب آهي - انهيءَ لاءِ ته تون انهيءَ قوم کي هوشيار ڪرين جن وٽ توکان پهرين ڪوبه رسول نه آيو آهي جو اهي هدايت حاصل ڪن.

اَللّٰهُ الَّذِيْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ وَمَا بَيْنَهُمَا فِيْ سِتَّةِ اَيَّامٍ ثُمَّ اسْتَوٰى عَلَى الْعَرْشِ ۗ مَا لَكُمْ مِّنْ دُوْنِهٖ مِنْ وَّلِيٍّ وَّلَا شَفِيْعٍ ۗ اَفَلَا تَتَذَكَّرُوْنَ ⑤

٥- الله اهو آهي جنهن آسمانن ۽ زمين کي ۽ جيڪي ڪي انهن ٻنهي جي وچ ۾ آهي انهيءَ سڀ کي ڇهن وقتن ۾ پيدا ڪيو - انهيءَ ڪانپوءِ اهو حڪومت جي عرش تي مضبوطيءَ سان قائم ٿي ويو- توهانجو انهيءَ (خدا) کانسواءِ نه ڪو حقيقي دوست آهي، نه سفارشي ڇا توهان نصيحت حاصل نٿا

وَلَوْ تَرٰٓى اِذِ الْمُجْرِمُوْنَ نَاكِسُوْا رُءُوْسِهِمْ عِنْدَ رَبِّهِمْ ؕ رَبَّنَآ اَبْصَرْنَا وَسَمِعْنَا فَارْجِعْنَا نَعْمَلْ صَالِحًا اِنَّا مُوْقِنُوْنَ ⑫

١٢. ۽ جيڪڏهين توکي اها حالت معلوم ٿي وڃي جڏهين ڏوهاري پنهن جي رب جي اڳيان پنهن جو ڪنڌ جهڪايو بيٺا هوندا ۽ چئي رهيا هوندا اي اسانجا رب! اسان (جيڪي ڪجهہ تو چيوهو) ڏسي ورتو ۽ ٻڌي ورتو - پوءِ هاڻي تون اسانکي واپس موٽاءِ انهيءَ لاءِ تہ تنهن جي حڪم جي مطابق عمل ڪيون. هاڻي اسان تنهن جي ڳالهہ تي پوريءَ طرح يقين ڪري چڪا آهيون.

وَلَوْ شِئْنَا لَاٰتَيْنَا كُلَّ نَفْسٍ هُدٰىهَا وَلٰكِنْ حَقَّ الْقَوْلُ مِنِّيْ لَاَمْلَئَنَّ جَهَنَّمَ مِنَ الْجِنَّةِ وَالنَّاسِ اَجْمَعِيْنَ ⑬

١٤. ۽ جيڪڏهين اسان گهرون ها تہ هر شخص کي انهيءَ جي حال سارو هدايت ڏيون ها - پر منهن جي ڳالهہ پوري ٿي ويئي تہ مان ضرور جهنم کي جنن ۽ انسانن سان ڀريندس.

فَذُوْقُوْا بِمَا نَسِيْتُمْ لِقَآءَ يَوْمِكُمْ هٰذَا ۚ اِنَّا نَسِيْنٰكُمْ وَذُوْقُوْا عَذَابَ الْخُلْدِ بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ⑭

١٥. پوءِ اجوڪي ڏينهن جي ملاقات کي وساري ڇڏڻ جي سببان ۽ پنهن جن عملن جي سببان هميشہ جي عذاب جو مزو چکو ۽ (ياد رکو تہ) اسان بہ (اڄ) توهانکي پنهن جي ذهن تان لاهي ڇڏيو آهي (يعني توهانجي پرواهہ ڪرڻ ڇڏي ڏني آهي)

اِنَّمَا يُؤْمِنُ بِاٰيٰتِنَا الَّذِيْنَ اِذَا ذُكِّرُوْا بِهَا خَرُّوْا سُجَّدًا وَّسَبَّحُوْا بِحَمْدِ رَبِّهِمْ وَهُمْ لَا يَسْتَكْبِرُوْنَ ۩ ⑮ السجدة

١٦. اسانجن آيتن تي تہ اهي ماڻهو ايمان آڻين ٿا جو جڏهين انهن کي انهن جي متعلق ياد ڏياريو وڃي ٿو تہ اهي سجدو ڪندي زمين تي ڪري پون ٿا ۽ پنهن جي رب جي تعريف ۽ تسبيح ڪن ٿا ۽ تڪبر نٿا ڪن.

تَتَجَافٰى جُنُوْبُهُمْ عَنِ الْمَضَاجِعِ يَدْعُوْنَ رَبَّهُمْ خَوْفًا وَّطَمَعًا ؗ وَّمِمَّا رَزَقْنٰهُمْ يُنْفِقُوْنَ ⑯

١٧. (۽) انهن (مومنن) جا پاسا انهن جي بسترن کان جدا ٿي وڃن ٿا (يعني تهجد جي نماز پڙهڻ لاءِ) (۽) اهي پنهنجي رب کي انهيءَ جي عذابن کان بچڻ ۽ انهيءَ جي رحمتن کي حاصل ڪرڻ لاءِ پڪارين ٿا ۽

ونتداسين.

وَلَقَدْ اٰتَيْنَا مُوْسَى الْكِتٰبَ فَلَا تَكُنْ فِيْ مِرْيَةٍ مِّنْ لِّقَآئِهٖ وَجَعَلْنٰهُ هُدًى لِّبَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ ﴿٢٣﴾

٢٣- ۽ اسان موسيٰ کي ڪتاب ڏنو هو پوءِ تون بـه هڪ مڪمل ڪتاب جي ملڻ جي متعلق شڪ نـه ڪر ۽ اسان انهيءَ (ڪتاب) کي بني اسرائيل جي لاءِ هدايت بنايو هو.

وَجَعَلْنَا مِنْهُمْ اَئِمَّةً يَّهْدُوْنَ بِاَمْرِنَا لَمَّا صَبَرُوْا ۗ وَكَانُوْا بِاٰيٰتِنَا يُوْقِنُوْنَ ﴿٢٤﴾

٢٤- ۽ اسان انهن مان امام بنايا هئا جيڪي اسانجي حڪم سان ماڻهن کي هدايت ڏيندا هئا - انهيءَ سبب ڪري جو انهن استقلال کان ڪم ورتو ۽ اهي ماڻهو اسانجي آيتن تي مڪمل يقين رکندا هئا.

اِنَّ رَبَّكَ هُوَ يَفْصِلُ بَيْنَهُمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ فِيْمَا كَانُوْا فِيْهِ يَخْتَلِفُوْنَ ﴿٢٥﴾

٢٥- تنهن جو رب تـه اهو آهي جيڪو (انهن ڪلام الاهيءَ جي سچاڻ وارن ۽) انهن جي (منڪرن جي) وچ قيامت جي ڏينهن فيصلو ڪندو. هر ڪنهن انهيءَ امر جي متعلق جنهن ۾ اهي اختلاف ڪندا هئا.

اَوَلَمْ يَهْدِ لَهُمْ كَمْ اَهْلَكْنَا مِنْ قَبْلِهِمْ مِّنَ الْقُرُوْنِ يَمْشُوْنَ فِيْ مَسٰكِنِهِمْ ۗ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ ۗ اَفَلَا يَسْمَعُوْنَ ﴿٢٦﴾

٢٦- ڇا انهن کي انهيءَ ڳالهـ هدايت نـه ڏني تـه اسان ڪيترن زمانن جي ماڻهن کي انهن کان پهرين تباهـ ڪري ڇڏيو هو (۽ هاڻي) هي ماڻهو انهن ئي جي گهرن ۾ گهمن ڦرن پيا انهيءَ ۾ يقينن ڏاڍا نشان آهن پر ڇا اهي ٻڌن نٿا؟

اَوَلَمْ يَرَوْا اَنَّا نَسُوْقُ الْمَآءَ اِلَى الْاَرْضِ الْجُرُزِ فَنُخْرِجُ بِهٖ زَرْعًا تَاْكُلُ مِنْهُ اَنْعَامُهُمْ وَاَنْفُسُهُمْ ۗ اَفَلَا يُبْصِرُوْنَ ﴿٢٧﴾

٢٧- ڇا انهن نـه ڏٺو آهي تـه اسان هڪ غير آباد زمين ڏانهن پاڻيءَ کي ڌڪي ويندا آهيون پوءِ انهيءَ (پاڻيءَ) جي ذريعي پوک ڄمائيندا آهيون جنهن مان انهن جا جانور بـه کائيندا آهن ۽ اهي خود بـه کائيندا آهن ڇا اهي ڏسن نٿا؟

وَيَقُوْلُوْنَ مَتٰى هٰذَا الْفَتْحُ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿٢٨﴾

٢٨- ۽ اهي چون ٿا تـه هي فتح جنهن جو توهان ذڪر ڪيو ٿا جيڪڏهين توهين سچا آهيون تـه ٻڌايو تـه ڪڏهين ٿيندي.

قُلْ يَوْمَ الْفَتْحِ لَا يَنْفَعُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا اِيْمَانُهُمْ وَلَاهُمْ يُنْظَرُوْنَ ﴿۲۹﴾

۳۰. تون چؤ تہ انهيءَ فتح جي ڏينهن ڪافرن کي انهن جو ايمان نفعو نہ ڏيندو ۽ نہ انهن کي ڍر ڏني ويندي.

فَاَعْرِضْ عَنْهُمْ وَانْتَظِرْ اِنَّهُمْ مُّنْتَظِرُوْنَ ﴿۳۰﴾ ع۳

۳۱. پوءِ تون انهن کان منهن موڙ ۽ (انهن جي انجام جو) انتظار ڪر. اهي بہ ڪجهہ عرصي تائين اجا وڏيڪ انتظار ڪندا.

تَعَمَّدَتْ قُلُوْبُكُمْ وَكَانَ اللّٰهُ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا ۝٦

جا پيٽر ڪير آهن تہ (بهرحال) اهي توهانجا ديني ڀائر آهن ۽ ديني دوست آهن ۽ جيڪو توهان غلطيءَ کان ڀهرين ڪري چڪا آهيو انهيءَ جي متعلق توهانتي ڪوبہ گناهہ ڪونهي. پر جنهن ڳالهہ تي توهان جون دليون پختو ارادو ڪري وٺيون هجن (اها سزا جي لائق آهي) ۽ الله (هر ڪنهن توبہ ڪرڻ واري جي لاءِ) ڏاڍو بخشڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي.

اَلنَّبِيُّ اَوْلٰى بِالْمُؤْمِنِيْنَ مِنْ اَنْفُسِهِمْ وَاَزْوَاجُهٗٓ اُمَّهٰتُهُمْ ۭ وَاُولُوا الْاَرْحَامِ بَعْضُهُمْ اَوْلٰى بِبَعْضٍ فِيْ كِتٰبِ اللّٰهِ مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ وَالْمُهٰجِرِيْنَ اِلَّآ اَنْ تَفْعَلُوْٓا اِلٰٓى اَوْلِيٰۗىِٕكُمْ مَّعْرُوْفًا ۭ كَانَ ذٰلِكَ فِي الْكِتٰبِ مَسْطُوْرًا ۝٧

٧. نبي مومنن کي انهن جي پنهن جن جانين جي نسبت بہ وڌيڪ ويجهو آهي ۽ هن جون زالون انهن جون مائرو آهن ۽ رت وارن مائٽن مان الله جي ڪتاب جي مطابق ڪي ڪن کان وڌيڪ ويجها آهن - بنسبت (غير رشتيدار) مومنن ۽ مهاجرن جي. ها توهانجو پنهن جن دوستن سان نيڪ سلوڪ (جائز آهي) اها ڳالهہ قرآن ۾ لکجي چڪي آهي.

وَاِذْ اَخَذْنَا مِنَ النَّبِيّٖنَ مِيْثَاقَهُمْ وَمِنْكَ وَمِنْ نُّوْحٍ وَّاِبْرٰهِيْمَ وَمُوْسٰى وَعِيْسَى ابْنِ مَرْيَمَ ۠ وَاَخَذْنَا مِنْهُمْ مِّيْثَاقًا غَلِيْظًا ۝٨

٨. ۽ (ياد ڪيو) جڏهن اسان نبين کان انهن تي رکيل هڪ خاص ڳالهہ جو واعدو ورتو هو ۽ توکان بہ (واعدو ورتو هو) ۽ نوح ۽ ابراهيم ۽ موسيٰ ۽ عيسيٰ ابن مريم کان بہ ۽ اسان انهن سڀني کان هڪ پختو عهد ورتو هو.

لِّيَسْـَٔلَ الصّٰدِقِيْنَ عَنْ صِدْقِهِمْ ۚ وَاَعَدَّ لِلْكٰفِرِيْنَ عَذَابًا اَلِيْمًا ۝٩

٩. انهيءَ لاءِ تہ الله سچن کان انهن جي سچ جي متعلق سوال ڪري ۽ ڪافرن جي لاءِ انهيءَ هڪ دردناڪ عذاب تيار ڪيو آهي.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اذْكُرُوْا نِعْمَةَ اللّٰهِ عَلَيْكُمْ اِذْ جَاۗءَتْكُمْ جُنُوْدٌ فَاَرْسَلْنَا عَلَيْهِمْ رِيْحًا وَّجُنُوْدًا لَّمْ تَرَوْهَا ۭ وَكَانَ اللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرًا ۝١٠

١٠. اي مومنو! الله جي انهيءَ نعمت کي ياد ڪيو جيڪا انهي توهانتي انهيءَ وقت ڪئي جڏهين توهانتي ڪجهہ لشڪر چڙهي آيا هئا. ۽ اسان انهن ڏانهن هڪ هوا موڪلي

هئي ۽ اهڙا لشڪر موڪليا هئا جن کي توهان نٿي ڏٺو ۽ الله توهانجن عملن کي خوب ڏسيندو.

اِذْ جَآءُوْكُمْ مِّنْ فَوْقِكُمْ وَمِنْ اَسْفَلَ مِنْكُمْ وَاِذْ زَاغَتِ الْاَبْصَارُ وَبَلَغَتِ الْقُلُوْبُ الْحَنَاجِرَ وَتَظُنُّوْنَ بِاللّٰهِ الظُّنُوْنَا ﴿١١﴾

١١- (ها! انهيءَ وقت کي ياد ڪيو) جڏهن توهانجا مخالف توهانجي مٿئين پاسي کان بہ (يعني نڪريءَ طرفان بہ) ۽ هيٺاهين طرف کان بہ (يعني لاهيءَ کان بہ) اچي ويا هئا ۽ جڏهن اکيون گهبرائي ٽيڙيون ٿي ويون هيون ۽ دليون ڌڙڪندي نڙيءَ تائين اچي ويون هيون ۽ توهان الله جي متعلق مختلف شڪن ۾ مبتلا ٿي ويا هئا.

هُنَالِكَ ابْتُلِيَ الْمُؤْمِنُوْنَ وَزُلْزِلُوْا زِلْزَالًا شَدِيْدًا ﴿١٢﴾

١٢- انهيءَ وقت مومن هڪ (وڏي) آزمائش ۾ وڌا ويا هئا ۽ سخت لوڏيا ويا هئا.

وَاِذْ يَقُوْلُ الْمُنٰفِقُوْنَ وَالَّذِيْنَ فِيْ قُلُوْبِهِمْ مَّرَضٌ مَّا وَعَدَنَا اللّٰهُ وَرَسُوْلُهٗٓ اِلَّا غُرُوْرًا ﴿١٣﴾

١٣- ۽ انهيءَ وقت کي بہ ياد ڪيو) جڏهن منافق ۽ جن ماڻهن جي دلين ۾ بيماري هئي چوڻ ٿي لڳا تہ الله ۽ انهيءَ جي رسول اسان سان صرف هڪ ڪوڙو واعدو ڪيو هو.

وَاِذْ قَالَتْ طَّآئِفَةٌ مِّنْهُمْ يٰٓاَهْلَ يَثْرِبَ لَا مُقَامَ لَكُمْ فَارْجِعُوْا ۚ وَيَسْتَاْذِنُ فَرِيْقٌ مِّنْهُمُ النَّبِيَّ يَقُوْلُوْنَ اِنَّ بُيُوْتَنَا عَوْرَةٌ ۛؕ وَمَا هِيَ بِعَوْرَةٍ ۚۛ اِنْ يُّرِيْدُوْنَ اِلَّا فِرَارًا ﴿١٤﴾

معانقة ١٠ عند المتقدمين

١٤- ۽ جڏهين تہ انهن مان هڪڙي گروهہ اهو بہ چوڻ شروع ڪيو هو تہ اي مديني وارؤ! (هاڻي) توهان لاءِ ڪوبہ ٺڪاڻو ڪونهي پوءِ (اسلام کان) مرتد ٿي وڃو. ۽ انهن مان هڪ گروهہ نبيءَ کان اجازت بہ گهرڻ لڳو هو ۽ چوڻ لڳو هو اسانجا گهر دشمن جي مار ۾ آهن حالانڪ اهي دشمن جي مار ۾ نہ هئا اهي صرف ڀڄڻ جو ارادو ڪري رهيا هئا.

وَلَوْ دُخِلَتْ عَلَيْهِمْ مِّنْ اَقْطَارِهَا ثُمَّ سُئِلُوا الْفِتْنَةَ لَاٰتَوْهَا وَمَا تَلَبَّثُوْا بِهَآ اِلَّا يَسِيْرًا ﴿١٥﴾

١٥- ۽ جيڪڏهين مديني جي متخلف طرفن کان انهن تي (فوجون) داخل ڪيون وڃن ۽ پوءِ انهن کان (ڪافرن جي طرفان) مرتد ٿيڻ جو مطالبو ڪيو وڃي تہ اهي ضرور انهيءَ

مطالبي کي قبول ڪندا ـ پر اهي انهيءَ (يعني مديني) ۾ (انهيءَ ڪانپوءِ) ٿورڙو ئي رهي سگهندا.

وَلَقَدْ كَانُوا عَاهَدُوا اللَّهَ مِنْ قَبْلُ لَا يُوَلُّونَ الْأَدْبَارَ ۚ وَكَانَ عَهْدُ اللَّهِ مَسْئُولًا ﴿١٦﴾

١٦ـ ۽ (حقيقت اها آهي تہ) انهي کان پهرينءَ انهن (منافقن) الله سان عهد ڪيو هو تہ اهي ڪڏهين پٺي نہ ڦيرائيندا (۽ ثابت قدم رهندا) ۽ الله سان ڪيل عهد متعلق ضرور سوال ڪيو ويندو.

قُلْ لَنْ يَنْفَعَكُمُ الْفِرَارُ إِنْ فَرَرْتُمْ مِنَ الْمَوْتِ أَوِ الْقَتْلِ وَإِذًا لَا تُمَتَّعُونَ إِلَّا قَلِيلًا ﴿١٧﴾

١٧ـ تون انهن کي چؤ تہ جيڪڏهين توهان موت يا قتل (ٿيڻ) کان ڀڄندو تہ توهانجو ڀڄڻ توهانکي هرگز نفعو نہ ڏيندو ۽ اهڙيءَ صورت ۾ توهان ڪجهہ فائدو حاصل نہ ڪري سگهندؤ.

قُلْ مَنْ ذَا الَّذِي يَعْصِمُكُمْ مِنَ اللَّهِ إِنْ أَرَادَ بِكُمْ سُوءًا أَوْ أَرَادَ بِكُمْ رَحْمَةً ۚ وَلَا يَجِدُونَ لَهُمْ مِنْ دُونِ اللَّهِ وَلِيًّا وَلَا نَصِيرًا ﴿١٨﴾

١٨ـ تون چئو تہ اهو ڪير آهي جيڪو توهان کي الله جي پڪڙ کان جيڪڏهين اهو توهانکي سزا ڏيڻ چاهي تہ بچائيندو يا جيڪڏهين اهو توهانتي رحم ڪرڻ چاهي (تہ انهيءَ کان توهانکي محروم ڪري سگهندو) اهي الله کانسواءِ پنهن جي لاءِ نہ ڪو حقيقي دوست لهندا ۽ نہ مددگار ـ (يعني جڏهين بہ ڪم ايندو خدا ئي ايندو).

قَدْ يَعْلَمُ اللَّهُ الْمُعَوِّقِينَ مِنْكُمْ وَالْقَائِلِينَ لِإِخْوَانِهِمْ هَلُمَّ إِلَيْنَا ۖ وَلَا يَأْتُونَ الْبَأْسَ إِلَّا قَلِيلًا ﴿١٩﴾

١٩ـ الله انهن ماڻهن کي چڱيءَ طرح سڃاڻيٿو جيڪي توهان مان ٻين کي (جهاد کان) پوئتي موٽائيندا هئا. ۽ پنهن جن ڀائرن کي چوندا هئا تہ اسان ڏانهن اچو (۽ جهاد ۾ شامل نہ ٿيو) ۽ اهي خود بہ دشمن سان بلڪل جنگ نہ ڪندا هئا.

أَشِحَّةً عَلَيْكُمْ ۖ فَإِذَا جَاءَ الْخَوْفُ رَأَيْتَهُمْ يَنْظُرُونَ إِلَيْكَ تَدُورُ أَعْيُنُهُمْ كَالَّذِي يُغْشَىٰ

٢٠ـ اهي توهان لاءِ ڏاڍو بخل رکڻ وارا آهن (يعني ڪڏهين نٿا چاهين تہ توهانکي ڪو خير پهچي) ۽ جڏهين انهن تي ڪو خوف جو

عَلَيْهِ مِنَ الْمَوْتِ ۚ فَإِذَا ذَهَبَ الْخَوْفُ سَلَقُوْكُمْ بِاَلْسِنَةٍ حِدَادٍ اَشِحَّةً عَلَى الْخَيْرِ ۚ اُولٰٓئِكَ لَمْ يُؤْمِنُوْا فَاَحْبَطَ اللّٰهُ اَعْمَالَهُمْ ۚ وَكَانَ ذٰلِكَ عَلَى اللّٰهِ يَسِيْرًا ﴿١٩﴾

وقت اچي تہ تون انهن کي ڏسندين تہ اهي توڏانهن ائين ڏسندا آهن جو سندن اکيون ڦرنديون رهنديون آهن بلڪل انهيءَ شخص وانگر جيڪو موت جي غشيءَ ۾ مبتلا آهي پوءِ جڏهن خوف جو وقت گذري ويندو آهي تہ اهي توهانتي تلوار وانگر ڪپڻ واري زبان هلائيندا آهن اهي هر خير جي متعلق بخيل آهن (۽ گهرن ٿا تہ توهانکي نہ ملي) انهن ماڻهن (در حقيقت) ايمان آندوئي نہ هو. سو الله انهن جون سڀئي ڪوششون ضايع ڪري ڇڏيون (جيڪي اهي اسلام جي خلاف ڪندا هئا) ۽ الله لاءِ اها ڳالهہ بلڪل آسان هئي.

يَحْسَبُوْنَ الْاَحْزَابَ لَمْ يَذْهَبُوْا ۚ وَاِنْ يَّاْتِ الْاَحْزَابُ يَوَدُّوْا لَوْ اَنَّهُمْ بَادُوْنَ فِي الْاَعْرَابِ يَسْاَلُوْنَ عَنْ اَنْۢبَآئِكُمْ ۖ وَلَوْ كَانُوْا فِيْكُمْ مَّا قٰتَلُوْٓا اِلَّا قَلِيْلًا ﴿٢٠﴾ ع

٢١. (۽) اهي ماڻهو تہ هاڻي بہ اميد رکن ٿا تہ (ڪاش) (ڪافرن جو) لشڪر هاڻي بہ ويو نہ هجي حالانڪ جيڪڏهين (ڪافرن جو) لشڪر واپس اچي وڃي تہ (بجاءِ انهن جي اچڻ تي خوش ٿيڻ جي) اهي ماڻهو خواهش ڪندا تہ ڪاش اهي جهنگلي ماڻهن ۾ رهيل هجن ها (۽ اي مومنو!) توهانجي متعلق (ماڻهن کان) دريافت ڪندا رهن ها (تہ اجا زندهہ آهن يا تباهہ ٿي چڪا آهن) ۽ جيڪڏهين اهي (ضرورت جي موقعي تي) توهان سان گڏ رهن ها تڏهين بہ توهانجي طرفان بلڪل نہ وڙهن ها.

لَقَدْ كَانَ لَكُمْ فِيْ رَسُوْلِ اللّٰهِ اُسْوَةٌ حَسَنَةٌ لِّمَنْ كَانَ يَرْجُوا اللّٰهَ وَالْيَوْمَ الْاٰخِرَ وَذَكَرَ اللّٰهَ كَثِيْرًا ﴿٢١﴾

٢٢. توهان لاءِ (يعني انهن ماڻهن لاءِ) جيڪي الله ۽ آخري ڏينهن سان ملڻ جي اميد رکن ٿا. ۽ الله جو ڏاڍو ذڪر ڪن ٿا. الله جي رسول ۾ هڪ اعليٰ نمونو آهي (جنهن جي انهن کي پيروي ڪرڻ گهرجي).

وَلَمَّا رَاَ الْمُؤْمِنُوْنَ الْاَحْزَابَ قَالُوْا هٰذَا مَا وَعَدَنَا
اللّٰهُ وَرَسُوْلُهٗ وَصَدَقَ اللّٰهُ وَرَسُوْلُهٗ وَمَا زَادَهُمْ
اِلَّآ اِيْمَانًا وَّتَسْلِيْمًا ﴿۲۲﴾

۲۳۔ جيئن تہ (ڏسو) جڏهين حقيقي مومنن حملي آور لشڪر کي ڏٺو تہ چيائون تہ هي تہ اهي ئي (الشڪر) آهن جن جو الله ۽ انهيءَ جي رسول اسان سان واعدو ڪيو هو ۽ الله ۽ انهي جي رسول بلڪل سچ چيو هو ۽ انهن کي انهيءَ واقعي ايمان ۽ طاقت ۾ وڌايو (ڪمزور نہ ڪيو)

مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ رِجَالٌ صَدَقُوْا مَا عَاهَدُوا اللّٰهَ عَلَيْهِ
فَمِنْهُمْ مَّنْ قَضٰى نَحْبَهٗ وَمِنْهُمْ مَّنْ يَّنْتَظِرُ ۖ وَمَا
بَدَّلُوْا تَبْدِيْلًا ﴿۲۳﴾

۲۴۔ انهن مومنن مان ڪي ماڻهو اهڙا آهن جن انهيءَ واعدي کي جيڪو انهن الله سان ڪيو هو، سچو ڪري ڏيکاريو پوءِ ڪي تہ اهڙائي آهن جن پنهن جي نيت کي پورو ڪيو (يعني وڙهندي وڙهندي مارجي ويا) ۽ انهن مان ڪي اهڙا بہ آهن جيڪي اڃا انتظار ڪري رهيا آهن ۽ پنهن جي ارادي ۾ ڪابہ تبديلي انهن اچڻ نہ ڏني.

لِّيَجْزِيَ اللّٰهُ الصّٰدِقِيْنَ بِصِدْقِهِمْ وَيُعَذِّبَ الْمُنٰفِقِيْنَ
اِنْ شَآءَ اَوْ يَتُوْبَ عَلَيْهِمْ ۭ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ غَفُوْرًا
رَّحِيْمًا ﴿۲۴﴾

۲۵۔ انهيءَ جو نتيجو اهو ٿيندو جو الله اهڙن سچن کي انهن جي سچ جو بدلو ڏيندو ۽ جيڪڏهين گهرندو تہ منافقن کي عذاب ڏيندو يا انهن تي رحم ڪندو ۽ الله يقيناً وڏو بخشڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي.

وَرَدَّ اللّٰهُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِغَيْظِهِمْ لَمْ يَنَالُوْا خَيْرًا ۭ
وَكَفَى اللّٰهُ الْمُؤْمِنِيْنَ الْقِتَالَ ۭ وَكَانَ اللّٰهُ قَوِيًّا
عَزِيْزًا ﴿۲۵﴾

۲۶۔ ۽ (حقيقت اها آهي تہ) الله ڪافرن کي انهن جي سڄي غصي سميت (مديني مان) واپس موٽائي ڇڏيو. ۽ ڪنهن قسم جو فائدو انهن کي نہ پهتو. ۽ الله مومنن جي طرفان خود لڙائي ڪئي ۽ الله وڏو طاقتور (۽) غالب آهي.

وَاَنْزَلَ الَّذِيْنَ ظَاهَرُوْهُمْ مِّنْ اَهْلِ الْكِتٰبِ مِنْ
صَيَاصِيْهِمْ وَقَذَفَ فِيْ قُلُوْبِهِمُ الرُّعْبَ فَرِيْقًا

۲۷۔ ۽ انهيءَ (الله) انهن اهل ڪتاب کي جن انهن (حملي آور مشرڪن) جي مدد ڪئي هئي، پنهن جي قلعن مان لاهي ڇڏيو ۽ انهن

تَقْتُلُوْنَ وَتَاْسِرُوْنَ فَرِيْقًا ﴿٢٧﴾

جي دلين ۾ هيبت وهاري ڇڏي ايستائين جو توهان انهن مان هڪ حصي کي قتل ڪرڻ ۽ هڪ حصي کي قيد ڪرڻ تي قادر ٿي ويا.

وَاَوْرَثَكُمْ اَرْضَهُمْ وَدِيَارَهُمْ وَاَمْوَالَهُمْ وَاَرْضًا لَّمْ تَطَـُٔوْهَا ؕ وَكَانَ اللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرًا ﴿٢٨﴾ ع ٣ ١٩

٢٨- ۽ انهن جي زمينن ۽ انهن جي گهرن ۽ انهن جي مالن جو توهانکي وارث ڪري ڇڏيو ۽ پڻ انهيءَ زمين جو بہ جنهن تي اجا توهانجا قدم نہ پيا ۽ الله هر هڪ شيءِ تي قادر آهي.

يٰۤاَيُّهَا النَّبِيُّ قُلْ لِّاَزْوَاجِكَ اِنْ كُنْتُنَّ تُرِدْنَ الْحَيٰوةَ الدُّنْيَا وَزِيْنَتَهَا فَتَعَالَيْنَ اُمَتِّعْكُنَّ وَاُسَرِّحْكُنَّ سَرَاحًا جَمِيْلًا ﴿٢٩﴾

٢٩- اي نبي ! پنهنجن زالن کي چؤ تہ جيڪڏهين توهان دنيا ۽ انهيءَ جي زينت گهرو ٿيون تہ لچو مان توهانکي ڪجهہ دنيوي سامان ڏيئي ڇڏيان ۽ توهانکي نيڪ طريقي سان رخصت ڪري ڇڏيان.

وَاِنْ كُنْتُنَّ تُرِدْنَ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ وَالدَّارَ الْاٰخِرَةَ فَاِنَّ اللّٰهَ اَعَدَّ لِلْمُحْسِنٰتِ مِنْكُنَّ اَجْرًا عَظِيْمًا ﴿٣٠﴾

٣٠- ۽ جيڪڏهين توهان الله ۽ انهيءَ جي رسول ۽ آخريءَ زندگيءَ جو گهر چاهيو ٿيون تہ الله توهان مان پوريءَ طرح اسلام تي قائم رهڻ وارين لاءِ تمام وڏو انعام تجويز ڪري رکيو آهي.

يٰنِسَآءَ النَّبِيِّ مَنْ يَّاْتِ مِنْكُنَّ بِفَاحِشَةٍ مُّبَيِّنَةٍ يُّضٰعَفْ لَهَا الْعَذَابُ ضِعْفَيْنِ ؕ وَكَانَ ذٰلِكَ عَلَى اللّٰهِ يَسِيْرًا ﴿٣١﴾

٣١- اي نبيءَ جو زالون! جيڪڏهين توهان مان ڪا اعلي ايمان جي خلاف ڳالهہ ڪري تہ انهيءَ جو عذاب ٻيڻون ڪيو ويندو ۽ اها ڳالهہ الله لاءِ آسان آهي.

الجزء ٢٢

وَمَنْ يَّقْنُتْ مِنْكُنَّ لِلّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ وَتَعْمَلْ صَالِحًا نُّؤْتِهَآ اَجْرَهَا مَرَّتَيْنِ ۙ وَاَعْتَدْنَا لَهَا رِزْقًا كَرِيْمًا ﴿٣٢﴾

٣٢- ۽ توهان مان جيڪا بہ الله ۽ انهيءَ جي رسول جي فرمانبرداري ڪندي ۽ انهيءَ (فرمانبرداريءَ جي شان) مطابق ڪم بہ ڪندي تہ اسان انهيءَ کي انعام بہ ٻيڻو ڏينداسين ۽ اسان هر ڪنهن اهڙيءَ (زال) جي لاءِ عزت ڀريو رزق تيار ڪيو آهي.

يٰنِسَآءَ النَّبِيِّ لَسْتُنَّ كَاَحَدٍ مِّنَ النِّسَآءِ اِنِ اتَّقَيْتُنَّ

٣٣- اي نبيءَ جون زالون! جيڪڏهين توهان پنهنجي مقام کي سمجهو تہ توهان عام

فَلَا تَخْضَعْنَ بِالْقَوْلِ فَيَطْمَعَ الَّذِيْ فِيْ قَلْبِهٖ مَرَضٌ وَّقُلْنَ قَوْلًا مَّعْرُوْفًا ﴿٣٢﴾

عورتن وانگر نہ آهيو پوءِ چپاڙي (يعني ناز نخري سان) ڳالهہ نہ ڪنديون ڪيو. جو ائين نہ ٿئي تہ جنهن جي دل ۾ مرض هجي سو توهانجي متعلق بد ارادو ڪري ۽ هميشه ماڻهن کي نيڪ ڳالهيون چونديون ڪيو.

وَقَرْنَ فِيْ بُيُوْتِكُنَّ وَلَا تَبَرَّجْنَ تَبَرُّجَ الْجَاهِلِيَّةِ الْاُوْلٰى وَاَقِمْنَ الصَّلٰوةَ وَاٰتِيْنَ الزَّكٰوةَ وَاَطِعْنَ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ ؕ اِنَّمَا يُرِيْدُ اللّٰهُ لِيُذْهِبَ عَنْكُمُ الرِّجْسَ اَهْلَ الْبَيْتِ وَيُطَهِّرَكُمْ تَطْهِيْرًا ﴿٣٣﴾

٣٣- ۽ پنهن جن گهرن ۾ ويٺيون رهو ۽ پراڻي زماني جي جاهليت (جي طريقن) وانگر پنهن جي زينت (غير ماڻهن تي) ظاهر نہ ڪنديون ڪيو ۽ نماز کي (شرطن سان) ادا ڪنديون ڪيو. ۽ زڪوات ڏينديون ڪيو. ۽ الله ۽ انهيءَ جي رسول جي اطاعت ڪنديون ڪيو. اي اهل بيت! الله توهان مان هر قسم جي گندگي پري ڪرڻ ۽ توهانکي ڪامل طور تي پاڪ ڪرڻ گهري ٿو.

وَاذْكُرْنَ مَا يُتْلٰى فِيْ بُيُوْتِكُنَّ مِنْ اٰيٰتِ اللّٰهِ وَالْحِكْمَةِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ لَطِيْفًا خَبِيْرًا ﴿٣٤﴾ ع

٣٥- ۽ جيڪي ڪي توهانجي گهرن ۾ الله جي آيتن ۽ حڪمت جي ڳالهين جي تلاوت ڪئي وڃي ٿي، انهيءَ کي ياد رکو. الله ڏاڍي مهرباني ڪرڻ وارو (۽) خبر رکڻ وارو آهي.

اِنَّ الْمُسْلِمِيْنَ وَالْمُسْلِمٰتِ وَالْمُؤْمِنِيْنَ وَالْمُؤْمِنٰتِ وَالْقٰنِتِيْنَ وَالْقٰنِتٰتِ وَالصّٰدِقِيْنَ وَالصّٰدِقٰتِ وَالصّٰبِرِيْنَ وَالصّٰبِرٰتِ وَالْخٰشِعِيْنَ وَالْخٰشِعٰتِ وَالْمُتَصَدِّقِيْنَ وَالْمُتَصَدِّقٰتِ وَالصَّآئِمِيْنَ وَالصّٰٓئِمٰتِ وَالْحٰفِظِيْنَ فُرُوْجَهُمْ وَالْحٰفِظٰتِ وَالذّٰكِرِيْنَ اللّٰهَ كَثِيْرًا وَّالذّٰكِرٰتِ ۙ اَعَدَّ اللّٰهُ لَهُمْ مَّغْفِرَةً وَّاَجْرًا عَظِيْمًا ﴿٣٥﴾

٣٦- يقينن ڪامل مسلمان مرد ۽ ڪامل مسلمان عورتون ۽ ڪامل مومن مرد ۽ ڪامل مومن عورتون ۽ ڪامل فرمانبردار مرد ۽ ڪامل فرمانبردار عورتون ۽ ڪامل سچ ڳالهائيندڙ مرد ۽ ڪامل سچ ڳالهائيندڙ عورتون ۽ ڪامل صبر ڪرڻ وارا مرد ۽ ڪامل صبر ڪرڻ واريون عورتون ۽ ڪامل عاجزي ڏيکاريندڙ مرد ۽ ڪامل عاجزي ڏيکاريندڙ عورتون ۽ ڪامل صدقي ڪرڻ وارا مرد ۽ ڪامل صدقي ڪرڻ واريون عورتون ۽ ڪامل روزي رکڻ وارا مرد ۽ ڪامل روزي رکڻ واريون عورتون ۽ پوريءَ طرح پنهن جي

شرم گاهن جي حفاظت ڪرڻ وارا مرد ۽ پوري طرح پنهن جي شرم گاهن جي حفاظت ڪرڻ واريون عورتون ۽ الله جو گهڻو ذڪر ڪرڻ وارا مرد ۽ الله جو گهڻو ذڪر ڪرڻ واريون عورتون انهن سڀني لاءِ الله بخشش جو سامان ۽ وڏو انعام تيار ڪري رکيو آهي.

وَ مَا كَانَ لِمُؤْمِنٍ وَّلَا مُؤْمِنَةٍ اِذَا قَضَى اللّٰهُ وَرَسُوْلُهٗۤ اَمْرًا اَنْ يَّكُوْنَ لَهُمُ الْخِيَرَةُ مِنْ اَمْرِهِمْ ؕ وَمَنْ يَّعْصِ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ فَقَدْ ضَلَّ ضَلٰلًا مُّبِيْنًا ؕ﴿۳۶﴾

٣٦. ۽ ڪنهن مومن مرد يا مومن عورت جي لاءِ جائز نه آهي جو جڏهن الله ۽ انهيءَ جو رسول ڪنهن معاملي ۾ ڪو فيصلو ڪري ڇڏين ته اهي (پوءِ بہ) پنهن جي معاملي جو پنهنجي مرضيءَ سان فيصلو ڪن ۽ جيڪو بہ الله ۽ انهيءَ جي رسول جي نافرماني ڪري ٿو اهو ظاهر ظهور گمراهيءَ ۾ پئجي وڃي ٿو.

وَاِذْ تَقُوْلُ لِلَّذِيْۤ اَنْعَمَ اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاَنْعَمْتَ عَلَيْهِ اَمْسِكْ عَلَيْكَ زَوْجَكَ وَاتَّقِ اللّٰهَ وَتُخْفِيْ فِيْ نَفْسِكَ مَا اللّٰهُ مُبْدِيْهِ وَتَخْشَى النَّاسَ ۚ وَاللّٰهُ اَحَقُّ اَنْ تَخْشٰىهُ ؕ فَلَمَّا قَضٰى زَيْدٌ مِّنْهَا وَطَرًا زَوَّجْنٰكَهَا لِكَيْ لَا يَكُوْنَ عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ حَرَجٌ فِيْۤ اَزْوَاجِ اَدْعِيَآئِهِمْ اِذَا قَضَوْا مِنْهُنَّ وَطَرًا ؕ وَكَانَ اَمْرُ اللّٰهِ مَفْعُوْلًا ﴿۳۷﴾

٣٨. ۽ (اي نبي ياد ڪر) جڏهن تون انهيءَ شخص کي جنهن تي الله ۽ تو انعام ڪيو هو، چوندو هئين ته پنهن جي زال کي روڪي رک (۽ طلاق نہ ڏي) ۽ الله جي تقوي اختيار ڪر ۽ تون پنهن جي دل ۾ اها ڳالهہ لڪائيندو هئين جنهن کي الله ظاهر ڪرڻ وارو هو. ۽ تون ماڻهن کان ڊڄندو هئين. حالانڪ الله وڌيڪ حقدار آهي تہ تون انهيءَ کان ڊڄين. پوءِ جڏهن زيد انهيءَ (عورت) جي باري ۾ پنهن جي خواهش پوري ڪري ورتي (يعني طلاق ڏيئي ڇڏيائين) اسان انهيءَ (عورت) جي توسان شادي ڪري ڇڏي انهيءَ لاءِ تہ مومنن جي دلين ۾ پنهن جي پٽيلن جي زالن سان نڪاح ڪرڻ جي متعلق انهن کي طلاق ملڻ جي صورت ۾ ڪا اوڪائي نہ رهي ۽ خدا جو فيصلو بهرحال پورو ٿي رهڻو هو.

مَا كَانَ عَلَى النَّبِيِّ مِنْ حَرَجٍ فِيمَا فَرَضَ اللّٰهُ لَهٗ ؕ سُنَّةَ اللّٰهِ فِي الَّذِيْنَ خَلَوْا مِنْ قَبْلُ ؕ وَكَانَ اَمْرُ اللّٰهِ قَدَرًا مَّقْدُوْرًا ﴿۳۹﴾

٣٩. نبيءَ تي انهيءَ معاملي ۾ جيڪو الله انهيءَ تي فرض ڪيو آهي ڪوبہ الزام ڪونهي. اهوئي طريقو الله پهرين ماڻهن ۾ جاري ڪيو هو ۽ خدا جو حڪم تہ هڪ فيصلو ڪيل شيءِ آهي (ڪوبہ انهيءَ کي ٽاري نٿو سگهي).

اِلَّذِيْنَ يُبَلِّغُوْنَ رِسٰلٰتِ اللّٰهِ وَيَخْشَوْنَهٗ وَلَا يَخْشَوْنَ اَحَدًا اِلَّا اللّٰهَ ؕ وَكَفٰى بِاللّٰهِ حَسِيْبًا ﴿۴۰﴾

٤٠. (اهائي سنت پهرين گذري ويل نبين ۾ جاري هئي) جيڪي الله جو پيغام ماڻهن کي پهچائيندا هئا ۽ انهيءَ کان ڏڄندا هئا ۽ الله کانسواءِ ڪنهن کان نہ ڏڄندا هئا ۽ حساب وٺڻ ۾ الله ڪافي آهي.

مَا كَانَ مُحَمَّدٌ اَبَآ اَحَدٍ مِّنْ رِّجَالِكُمْ وَلٰكِنْ رَّسُوْلَ اللّٰهِ وَخَاتَمَ النَّبِيّٖنَ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمًا ﴿۴۱﴾ ع

٤١. نہ محمد توهان مان ڪنهن فرد جو پيءُ هو,نہ آهي (نہ ٿيندو) پر الله جو رسول آهي پر (انهيءَ کان وڌيڪ) نبينَ جي مهر آهي ۽ الله هر شيءِ کان خوب واقف آهي.

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اذْكُرُوا اللّٰهَ ذِكْرًا كَثِيْرًا ﴿۴۲﴾

٤٢. اي مومنو! الله جو ذڪر گهڻو ڪندا ڪريو.

وَّسَبِّحُوْهُ بُكْرَةً وَّاَصِيْلًا ﴿۴۳﴾

٤٣. ۽ صبح شام انهيءَ جي تسبيح ڪندا ڪريو.

هُوَ الَّذِيْ يُصَلِّيْ عَلَيْكُمْ وَمَلٰٓئِكَتُهٗ لِيُخْرِجَكُمْ مِّنَ الظُّلُمٰتِ اِلَى النُّوْرِ ؕ وَكَانَ بِالْمُؤْمِنِيْنَ رَحِيْمًا ﴿۴۴﴾

٤٤. اهوئي آهي جيڪو توهانتي پنهن جون رحمتون موڪليٿو, ۽ انهيءَ جا فرشتا توهان لاءِ دعائون ڪن ٿا انهيءَ لاءِ تہ (انهن جو نتيجو اهو نڪري ٿو) هو توهانکي اونداهين کان نور ڏانهن وٺي وڃي ۽ اهو مومنن تي بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي.

تَحِيَّتُهُمْ يَوْمَ يَلْقَوْنَهٗ سَلٰمٌ ۚۖ وَاَعَدَّ لَهُمْ اَجْرًا كَرِيْمًا ﴿۴۵﴾

٤٥. انهن کي,جڏهين اهي انهيءَ سان ملندا دعا جو تحفو سلامتيءَ جي شڪل ۾ ملندو ۽ هو انهن لاءِ هڪ وڏي عزت وارو بدلو تيار ڪندو.

يٰۤاَيُّهَا النَّبِيُّ اِنَّآ اَرْسَلْنٰكَ شَاهِدًا وَّمُبَشِّرًا وَّ

٤٦. اي نبي اسان توکي اهڙي حال ۾ موڪليو

نَذِيْرًا ۝٤٥

آهي جو تون (دنيا جو) نگران بہ آهين (مومنن کي) خوشخبري ڏيڻ وارو بہ آهين ۽ (ڪافرن کي) ڊيڄارڻ وارو بہ آهين.

وَّدَاعِيًا اِلَى اللّٰهِ بِاِذْنِهٖ وَسِرَاجًا مُّنِيْرًا ۝٤٦

٤٦. ۽ پڻ الله جي حڪم سان انهيءَ ڏانهن سڏڻ وارو ۽ هڪ چمڪندڙ سج بنائي (موڪليو آهي).

وَبَشِّرِ الْمُؤْمِنِيْنَ بِاَنَّ لَهُمْ مِّنَ اللّٰهِ فَضْلًا كَبِيْرًا ۝٤٧

٤٨. ۽ مومنن کي بشارت ڏي تہ انهن کي الله جي طرفان تمام وڏو فضل ملندو.

وَلَا تُطِعِ الْكٰفِرِيْنَ وَالْمُنٰفِقِيْنَ وَدَعْ اَذٰىهُمْ وَتَوَكَّلْ عَلَى اللّٰهِ ؕ وَكَفٰى بِاللّٰهِ وَكِيْلًا ۝٤٨

٤٩. ۽ ڪافرن ۽ منافقن جي ڳالهہ نہ مڃ ۽ انهن جي ايذا پهچائڻ کي نظر انداز ڪري ڇڏ ۽ الله تي توڪل رک ۽ الله ڪارسازيءَ ۾ ڪافي آهي.

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اِذَا نَكَحْتُمُ الْمُؤْمِنٰتِ ثُمَّ طَلَّقْتُمُوْهُنَّ مِنْ قَبْلِ اَنْ تَمَسُّوْهُنَّ فَمَا لَكُمْ عَلَيْهِنَّ مِنْ عِدَّةٍ تَعْتَدُّوْنَهَا ۚ فَمَتِّعُوْهُنَّ وَسَرِّحُوْهُنَّ سَرَاحًا جَمِيْلًا ۝٤٩

٥٠. اي مومنو! جڏهين توهان مومن عورتن سان شادي ڪيو، پوءِ انهن کي انهن جي ڇهڻ کان پهرينءَ طلاق ڏيئي ڇڏيو تہ توهانکي ڪوبہ حق ڪونهي جو انهن کان عدت جو مطالبو ڪيو پوءِ (گهرجي تہ) انهن کي ڪجهہ دنيوي نفعو پهچايو ۽ انهن کي عمدگيءَ سان رخصت ڪري ڇڏيو.

يٰۤاَيُّهَا النَّبِيُّ اِنَّاۤ اَحْلَلْنَا لَكَ اَزْوَاجَكَ الّٰتِيْۤ اٰتَيْتَ اُجُوْرَهُنَّ وَمَا مَلَكَتْ يَمِيْنُكَ مِمَّاۤ اَفَآءَ اللّٰهُ عَلَيْكَ وَبَنٰتِ عَمِّكَ وَبَنٰتِ عَمّٰتِكَ وَبَنٰتِ خَالِكَ وَبَنٰتِ خٰلٰتِكَ الّٰتِيْ هَاجَرْنَ مَعَكَ ؗ وَامْرَاَةً مُّؤْمِنَةً اِنْ وَّهَبَتْ نَفْسَهَا لِلنَّبِيِّ اِنْ اَرَادَ النَّبِيُّ اَنْ يَّسْتَنْكِحَهَا ۗ خَالِصَةً لَّكَ مِنْ دُوْنِ الْمُؤْمِنِيْنَ ؕ قَدْ عَلِمْنَا مَا فَرَضْنَا عَلَيْهِمْ فِيْۤ اَزْوَاجِهِمْ وَمَا مَلَكَتْ اَيْمَانُهُمْ لِكَيْلَا يَكُوْنَ عَلَيْكَ حَرَجٌ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا ۝٥٠

٥١. اي نبي! تنهن جي موجودہ زالن مان آهي، جن کي تو انهن جو حق مهر ادا ڪري ڇڏيو آهي اسان تولاءِ حلال ڪري ڇڏيون آهن. اهڙيءَ طرح آئيندہ لاءِ اهي عورتون جن جا مالڪ تنهن جا ساڄا هٿ ٿيا آهن جن کي الله تنهن جي قبضي ۾ جنگ ڪانپوءِ آندو آهي ۽ اهڙيءَ طرح تنهن جي چاچي جون ڌيئرون ۽ تنهن جي پڦيءَ جون ڌيئرون ۽ تنهن جي مامي جون ڌيئرون ۽ تنهن جي ماسي جون ڌيئرون جن توسان گڏ هجرت ڪئي آهي ۽ اهڙي مومن عورت بہ جنهن پنهن جي جان

نبيءَ کي بخشي ڏنو - بشرطيڪ نبي انهيءَ سان نڪاح جو ارادو ڪري - هيءَ حڪم خاص تنهن جي لاءِ آهي باقي مومنن لاءِ نہ آهي. اسان انهيءَ کي جيڪو اسان انهن (مسلمانن) تي انهن جي زالن متعلق ۽ انهن جي ٻانهين جي متعلق فرض ڪيو آهي خوب ڄاڻون ٿا. انهيءَ لاءِ جو توتي ڪا غير واجبي پابندي نہ هجي. ۽ الله ڏاڍو بخشڻ وارو (۽) بار بار ڪرم ڪرڻ وارو آهي.

تُرۡجِیۡ مَنۡ تَشَآءُ مِنۡهُنَّ وَ تُــٔۡوِیۡۤ اِلَیۡكَ مَنۡ تَشَآءُ ؕ وَ مَنِ ابۡتَغَیۡتَ مِمَّنۡ عَزَلۡتَ فَلَا جُنَاحَ عَلَیۡكَ ؕ ذٰلِكَ اَدۡنٰۤی اَنۡ تَقَرَّ اَعۡیُنُهُنَّ وَ لَا یَحۡزَنَّ وَ یَرۡضَیۡنَ بِمَاۤ اٰتَیۡتَهُنَّ كُلُّهُنَّ ؕ وَ اللّٰهُ یَعۡلَمُ مَا فِیۡ قُلُوۡبِكُمۡ ؕ وَ كَانَ اللّٰهُ عَلِیۡمًا حَلِیۡمًا ﴿۵۲﴾

٥٢- تون انهن (زالن) مان جنهن کي چاهين جدا ڪري ڇڏ ۽ جنهن کي چاهين پاڻ وٽ رک ۽ انهن عورتن مان جن کي تو جدا ڪري ڇڏيو آهي ڪنهن کي بہ پاڻ وٽ وٺي اچين تہ توتي ڪو بہ گناهہ ڪونهي. اهو ڪم انهيءَ ڳالهہ جي تمام گهڻون ويجهو آهي، تہ انهن جون اکيون ٺرن ۽ اهي غم نہ ڪن ۽ جيڪي ڪي تو انهن کي ڏنو آهي انهيءَ تي سڀيئي راضي ٿي وڃن ۽ الله توهانجي دلين جي هر ڳالهہ کي ڄاڻي ٿو. ۽ هو ڏاڍو ڄاڻڻ وارو (۽) ڏاڍي سمجهہ ٻوجهہ کان ڪم وٺڻ وارو آهي.

لَا یَحِلُّ لَكَ النِّسَآءُ مِنۡۢ بَعۡدُ وَ لَاۤ اَنۡ تَبَدَّلَ بِهِنَّ مِنۡ اَزۡوَاجٍ وَّ لَوۡ اَعۡجَبَكَ حُسۡنُهُنَّ اِلَّا مَا مَلَكَتۡ یَمِیۡنُكَ ؕ وَ كَانَ اللّٰهُ عَلٰی كُلِّ شَیۡءٍ رَّقِیۡبًا ﴿۵۳﴾ ع ٦

٥٣- تنهن جي لاءِ (وڌيڪ) عورتون هن کانپوءِ حلال نہ آهن ۽ نہ هيءَ حلال آهي جو انهن موجوده زالن کي بدلائي ٻيون زالون ڪرين. خواهہ انهن جو حسن توکي ڪيترو ڪٿي پسند هجي. سواءِ انهن عورتن جي جن جا مالڪ تنهن جو ساڄا هٿ ٿيا ۽ الله هر هڪ شيءِ جو نگران آهي.

یٰۤاَیُّهَا الَّذِیۡنَ اٰمَنُوۡا لَا تَدۡخُلُوۡا بُیُوۡتَ النَّبِیِّ اِلَّاۤ اَنۡ

٥٤- اي مومنو! نبيءَ جي گهرن ۾ سواءِ انهيءَ جي جو توهانکي کاڌي لاءِ گهرايو وڃي هرگز

يُؤْذَنَ لَكُمْ إِلَىٰ طَعَامٍ غَيْرَ نَاظِرِينَ إِنَاهُ وَلَٰكِنْ
إِذَا دُعِيتُمْ فَادْخُلُوا فَإِذَا طَعِمْتُمْ فَانْتَشِرُوا وَ
لَا مُسْتَأْنِسِينَ لِحَدِيثٍ ۚ إِنَّ ذَٰلِكُمْ كَانَ يُؤْذِي
النَّبِيَّ فَيَسْتَحْيِي مِنْكُمْ ۖ وَاللَّهُ لَا يَسْتَحْيِي مِنَ الْحَقِّ ۚ
وَإِذَا سَأَلْتُمُوهُنَّ مَتَاعًا فَاسْأَلُوهُنَّ مِنْ وَرَاءِ حِجَابٍ ۚ
ذَٰلِكُمْ أَطْهَرُ لِقُلُوبِكُمْ وَقُلُوبِهِنَّ ۚ وَمَا كَانَ لَكُمْ
أَنْ تُؤْذُوا رَسُولَ اللَّهِ وَلَا أَنْ تَنْكِحُوا أَزْوَاجَهُ مِنْ
بَعْدِهِ أَبَدًا ۚ إِنَّ ذَٰلِكُمْ كَانَ عِنْدَ اللَّهِ عَظِيمًا ﴿٥٣﴾

داخل نہ ٿيندا ڪيو ـ اهوبہ انهيءَ شرط سان جو کاڌي پچڻ جي انتظار ۾ ويهي نہ رهندا ڪيو ۽ نہ ڳالهين ڪرڻ جي شوق ۾ ويهي رهندا ڪيو. ها! جڏهين توهانکي سڏايو وڃي تہ پوءِ ضرور هليا ويندا ڪيو. جڏهين کاڌو کائي وٺو تہ پنهنجن پنهنجن گهرن ڏانهن هليا ويندا ڪيو. اهو امر (يعني اچايو ويهي رهڻ يا ٻهرين اچي وڃڻ) نبيءَ کي تڪليف ڏيندو هو. پر هو توهان جي جذبن جو خيال ڪندي توهانکي (منع ڪرڻ) کان حيا ڪندو هو. پر الله سچي ڳالهہ ڪرڻ کان (ماڻهن جي خيالن جي سبب کان) باز نٿو رهي ۽ (گهرجي تہ) جڏهين توهان انهن (يعني نبيءَ جي زالن) کان ڪا گهرجي شيءِ گهرو تہ پردي جي پٺيان گهرندا ڪيو. هيءَ ڳالهہ توهانجي دلين ۽ انهن جي دلين لاءِ ڏاڍي سٺي آهي ۽ الله جي رسول کي تڪليف ڏيڻ توهانجي لاءِ جائز نہ آهي ۽ نہ اهو جائز آهي جو توهان هن کانپوءِ سندس زالن سان ڪڏهين بہ شادي ڪيو ـ اها ڳالهہ خدا جي فيصلي جي مطابق ڏاڍي بري آهي.

إِنْ تُبْدُوا شَيْئًا أَوْ تُخْفُوهُ فَإِنَّ اللَّهَ كَانَ بِكُلِّ شَيْءٍ
عَلِيمًا ﴿٥٤﴾

٥٥ـ جيڪڏهين توهان ڪنهن شيءِ کي ظاهر ڪيو يا لڪايو تہ الله هر شيءِ کي چڱيءَ طرح ڄاڻيٿو.

لَا جُنَاحَ عَلَيْهِنَّ فِي آبَائِهِنَّ وَلَا أَبْنَائِهِنَّ وَلَا
إِخْوَانِهِنَّ وَلَا أَبْنَاءِ إِخْوَانِهِنَّ وَلَا أَبْنَاءِ أَخَوَاتِهِنَّ
وَلَا نِسَائِهِنَّ وَلَا مَا مَلَكَتْ أَيْمَانُهُنَّ ۗ وَاتَّقِينَ
اللَّهَ ۚ إِنَّ اللَّهَ كَانَ عَلَىٰ كُلِّ شَيْءٍ شَهِيدًا ﴿٥٥﴾

٥٦ـ انهن (يعني رسول ڪريم صلي عليه وسلم جن جون زالون) تي پنهن جي پيئرن يا پنهن جن پٽن يا پنهنجن ڀائرن يا پنهن جن ڀائيٽن يا پنهن جن ڀائيجن يا پنهنجن عورتن يا پنهنجي زير تصرف ٻانهين جي سامهون ٿيڻ ۾ ڪابہ پابندي ڪانهي ۽ الله

جي تقويٰ اختيار ڪيو الله هر هڪ شيءِ کي ڏسي رهيو آهي.

إِنَّ اللَّهَ وَمَلَٰٓئِكَتَهُۥ يُصَلُّونَ عَلَى ٱلنَّبِيِّ ۚ يَٰٓأَيُّهَا ٱلَّذِينَ ءَامَنُوا۟ صَلُّوا۟ عَلَيْهِ وَسَلِّمُوا۟ تَسْلِيمًا ﴿٥٦﴾

٥٦. الله يقينن هن نبيءَ تي پنهنجي رحمت نازل ڪري رهيو آهي ۽ انهيءَ جا فرشتا بہ (يقينن انهيءَ لاءِ دعائون ڪري رهيا آهن پوءِ) اي مومنو! توهان بہ انهيءَ نبيءَ تي درود موڪليندا ۽ انهيءَ جي لاءِ دعائون ڪندا رهو ۽ (خوب جوش ۽ خروش مان) انهيءَ جي لاءِ سلامتي گهرندا رهو.

إِنَّ ٱلَّذِينَ يُؤْذُونَ ٱللَّهَ وَرَسُولَهُۥ لَعَنَهُمُ ٱللَّهُ فِى ٱلدُّنْيَا وَٱلْءَاخِرَةِ وَأَعَدَّ لَهُمْ عَذَابًا مُّهِينًا ﴿٥٧﴾

٥٨. اهي ماڻهو جيڪي الله ۽ انهيءَ جي رسول کي تڪليف ڏين ٿا. الله انهن کي (هن) دنيا ۽ آخرت ۾ پنهنجي قرب کان محروم ڪري ڇڏيندو ۽ انهيءَ انهن لاءِ خوار ڪرڻ وارو عذاب تيار ڪري ڇڏيو آهي.

وَٱلَّذِينَ يُؤْذُونَ ٱلْمُؤْمِنِينَ وَٱلْمُؤْمِنَٰتِ بِغَيْرِ مَا ٱكْتَسَبُوا۟ فَقَدِ ٱحْتَمَلُوا۟ بُهْتَٰنًا وَإِثْمًا مُّبِينًا ﴿٥٨﴾ ع

٥٩. اهي ماڻهو جيڪي مومن مردن ۽ مومن عورتن کي انهيءَ کان سواءِ جو انهن ڪو ڏوهہ ڪيو هجي تڪليف ڏين ٿا. انهن ماڻهن خطرناڪ ڪوڙ ۽ ظاهر ظهور گناهہ جو بوجهہ پنهن جي سر کنيو آهي.

يَٰٓأَيُّهَا ٱلنَّبِىُّ قُل لِّأَزْوَٰجِكَ وَبَنَاتِكَ وَنِسَآءِ ٱلْمُؤْمِنِينَ يُدْنِينَ عَلَيْهِنَّ مِن جَلَٰبِيبِهِنَّ ۚ ذَٰلِكَ أَدْنَىٰٓ أَن يُعْرَفْنَ فَلَا يُؤْذَيْنَ ۗ وَكَانَ ٱللَّهُ غَفُورًا رَّحِيمًا ﴿٥٩﴾

٦٠. اي نبي! پنهن جي زالن ۽ پنهن جن ڌيئرن ۽ مومنن جي زالن کي چؤ تہ (جڏهين اهي ٻاهر نڪرن) پنهن جن وڏين چادرن کي مٿن تان سرڪائي پنهنجي سينن تائين آڻين اهو امر انهيءَ ڳالهہ کي ممڪن بنائي ڇڏيندو تہ اهي سڃاتيون وڃن ۽ انهن کي تڪليف نہ ڏني وڃي ۽ الله وڏو بخشڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي.

لَّئِن لَّمْ يَنتَهِ ٱلْمُنَٰفِقُونَ وَٱلَّذِينَ فِى قُلُوبِهِم مَّرَضٌ وَٱلْمُرْجِفُونَ فِى ٱلْمَدِينَةِ لَنُغْرِيَنَّكَ بِهِمْ ثُمَّ لَا

٦١. جيڪڏهين منافق مرد ۽ اهي ماڻهو جن جي دلين ۾ مرض آهي ۽ اهي ماڻهو جيڪي مديني ۾ ڪوڙا افواهہ پکيڙيندا رهن ٿا باز

گمراهہ ڪري ڇڏيو.

رَبَّنَآ اٰتِهِمْ ضِعْفَيْنِ مِنَ الْعَذَابِ وَالْعَنْهُمْ لَعْنًا كَبِيْرًا ﴿٦٨﴾

٦٩. اي اسانجا رب! انهن کي ٻيڻو عذاب ڏي ۽ انهن کي پنهنجي رحم کان پري ڪري ڇڏ.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَكُوْنُوْا كَالَّذِيْنَ اٰذَوْا مُوْسٰى فَبَرَّاَهُ اللّٰهُ مِمَّا قَالُوْا ۭ وَكَانَ عِنْدَ اللّٰهِ وَجِيْهًا ﴿٦٩﴾

٧٠. اي مومنو! توهان انهن ماڻهن وانگر نہ ٿجو. جن موسيٰ کي تڪليف ڏني هئي جنهن تي الله انهيءَ کي انهن جي قولن کان آزاد ڪري ڇڏيو هو ۽ هو الله جي حضور ۾ وڏو شان رکي ٿو.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ وَقُوْلُوْا قَوْلًا سَدِيْدًا ﴿٧٠﴾

٧١. اي مومنو! الله جي تقويٰ اختيار ڪيو ۽ اها ڳالهہ ڪيو جيڪا منجهيل نہ هجي(پر سڄي هجي).

يُّصْلِحْ لَكُمْ اَعْمَالَكُمْ وَيَغْفِرْ لَكُمْ ذُنُوْبَكُمْ ۭ وَمَنْ يُّطِعِ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ فَقَدْ فَازَ فَوْزًا عَظِيْمًا ﴿٧١﴾

٧٢. (جيڪڏهين توهان ائين ڪندا) تہ الله توهانجي عملن کي درست ڪري ڇڏيندو ۽ توهانجي گناهن کي معاف ڪري ڇڏيندو ۽ جيڪو شخص الله ۽ انهيءَ جي رسول جي اطاعت ڪري. اهو وڏي ڪاميابي حاصل ڪريٿو.

اِنَّا عَرَضْنَا الْاَمَانَةَ عَلَي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَالْجِبَالِ فَاَبَيْنَ اَنْ يَّحْمِلْنَهَا وَاَشْفَقْنَ مِنْهَا وَحَمَلَهَا الْاِنْسَانُ ۭ اِنَّهٗ كَانَ ظَلُوْمًا جَهُوْلًا ﴿٧٢﴾

٧٣. اسان ڪامل امانت (يعني شريعت) کي آسمانن ۽ زمين ۽ جبلن جي سامهون پيش ڪيو هو. پر انهيءَ جي کڻڻ مان انهن انڪار ڪري ڇڏيو ۽ انهيءَ کان ڊڄي ويا پر انسان انهيءَ کي کنيو. اهو يقينن وڏي ظلم ڪرڻ وارو (۽) نتيجن کان بي پرواهہ هو.

لِّيُعَذِّبَ اللّٰهُ الْمُنٰفِقِيْنَ وَالْمُنٰفِقٰتِ وَالْمُشْرِكِيْنَ وَالْمُشْرِكٰتِ وَيَتُوْبَ اللّٰهُ عَلَي الْمُؤْمِنِيْنَ وَالْمُؤْمِنٰتِ ۭ وَكَانَ اللّٰهُ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا ﴿٧٣﴾

٧٤. (اسانجي انهيءَ شريعت جي بار لڏڻ جو) نتيجو اهو نڪتو جو منافق مردن ۽ منافق عورتن ۽ مشرڪ مردن ۽ مشرڪ عورتن کي الله عذاب ڏنو. ۽ مومن مردن ۽ مومن عورتن تي فضل ڪيو ۽ الله آهي ئي وڏي بخشش ڪرڻ وارو (۽) بار بار ڪرم ڪرڻ وارو.

## سُوْرَةُ سَبَاٍ مَّكِّيَّةٌ وَّهِيَ مَعَ الْبَسْمَلَةِ خَمْسٌ وَّخَمْسُوْنَ اٰيَةً وَّسِتَّةُ رُكُوْعَاتٍ

سورت سبا. هي سورت مڪي آهي ۽ بسم الله سميت انهيءَ جون پنجونجاهه آيتون ۽ ڇهه رڪوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ①

١. (مان) الله جو نالو وٺي جيڪو بيحد ڪرم ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي (پڙهانٿو)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْ لَهٗ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ
وَلَهُ الْحَمْدُ فِي الْاٰخِرَةِ ؕ وَهُوَ الْحَكِيْمُ الْخَبِيْرُ ②

٢. سڀ تعريف الله ئي جي آهي (۽) جيڪو آسمانن ۽ زمين ۾ آهي (سڀ) انهيءَ جو آهي ۽ (جهڙي طرح منڍ ۾ هو تعريف جو لائق آهي) آخر ۾ به اهوئي تعريف جو لائق ٿئي ٿو ۽ هو وڏين حڪمتن جو مالڪ آهي (۽) هر شيءِ کان خبر وارو آهي.

يَعْلَمُ مَا يَلِجُ فِي الْاَرْضِ وَمَا يَخْرُجُ مِنْهَا وَمَا
يَنْزِلُ مِنَ السَّمَآءِ وَمَا يَعْرُجُ فِيْهَا ؕ وَهُوَ الرَّحِيْمُ
الْغَفُوْرُ ③

٣. جيڪي ڪي زمين ۾ داخل ٿئي ٿو انهيءَ کي به اهو ڄاڻيٿو ۽ جيڪي ڪجهه انهيءَ مان نڪري ٿو، انهيءَ کي به ڄاڻي ٿو پڻ انهيءَ کي به جيڪي آسمان مان لهي ٿو ۽ انهيءَ کي به جيڪو آسمان ڏانهن چڙهي ٿو ۽ هو بار بار رحم ڪرڻ وارو (۽) ڏاڍو بخشڻ وارو آهي.

وَقَالَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَا تَاْتِيْنَا السَّاعَةُ ؕ قُلْ بَلٰى وَ
رَبِّيْ لَتَاْتِيَنَّكُمْ ۙ عٰلِمِ الْغَيْبِ ۚ لَا يَعْزُبُ عَنْهُ مِثْقَالُ
ذَرَّةٍ فِي السَّمٰوٰتِ وَلَا فِي الْاَرْضِ وَلَاۤ اَصْغَرُ مِنْ
ذٰلِكَ وَلَاۤ اَكْبَرُ اِلَّا فِيْ كِتٰبٍ مُّبِيْنٍ ۙ ④

٤. ۽ ڪافرن چيو ته اسانجي قوم جي تباهيءَ جي آخري گهڙي اسان نه ڏسنداسين. تون چؤ ته ائين نه آهي، مونکي پنهن جي (انهيءَ) رب جو قسم جيڪو غيب کي ڄاڻڻ وارو آهي ۽ آسمانن ۽ زمين مان ڪابه شيءِ ڪٿي هڪ ڳاڙهي ڪيل جي برابر هجي يا انهيءَ کان به ننڍي يا انهيءَ کان وڏي هجي هن جي نظرن کان غائب نٿي رهي. اها گهڙي توهان ضرور ڏسندا ڇو جو اها هڪ ظاهر ڪرڻ واري

تحرير ۾ محفوظ آهي.

لِّيَجْزِيَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ ۭ اُولٰۗىِٕكَ لَهُمْ مَّغْفِرَةٌ وَّرِزْقٌ كَرِيْمٌ ۝۵

٥. (انهيءَ گهڙيءَ جو اچڻ انهيءَ ڪري ضروري آهي) - انهيءَ لاءِ تہ الله مومنن ۽ ايمان جي مطابق عمل ڪرڻ وارن کي انهن جي عمل جي مطابق جزا ڏئي - اهي يقينن اهڙا آهن جو انهن کي خدا جي طرفان مغفرت ۽ عزت ڀريو رزق هميشه پهچندو رهندو.

وَالَّذِيْنَ سَعَوْ فِيْٓ اٰيٰتِنَا مُعٰجِزِيْنَ اُولٰۗىِٕكَ لَهُمْ عَذَابٌ مِّنْ رِّجْزٍ اَلِيْمٌ ۝۶

٦. ۽ اهي ماڻهو جيڪي اسانجي نشانن جي باري ۾ (اسانکي) عاجز ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا انهن کي انهن جي گناهہ جي سببان دردناڪ عذاب پهچندو.

وَيَرَى الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْعِلْمَ الَّذِيْٓ اُنْزِلَ اِلَيْكَ مِنْ رَّبِّكَ هُوَ الْحَقَّ ۙ وَيَهْدِيْٓ اِلٰى صِرَاطِ الْعَزِيْزِ الْحَمِيْدِ ۝۷

٧. ۽ اهي ماڻهو جن کي علم ڏنو ويو آهي انهيءَ شيءِ کي جيڪا تو ڏانهن تنهن جي رب جي طرفان نازل ٿي آهي حق ڄاڻن ٿا ۽ اهو (بہ ڄاڻن ٿا) تہ (اها تعليم) غالب ۽ تعريف واري خدا ڏانهن وٺي وڃي ٿي.

وَقَالَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا هَلْ نَدُلُّكُمْ عَلٰي رَجُلٍ يُّنَبِّئُكُمْ اِذَا مُزِّقْتُمْ كُلَّ مُمَزَّقٍ ۙ اِنَّكُمْ لَفِيْ خَلْقٍ جَدِيْدٍ ۝۸

٨. ۽ اهي (ماڻهو) جن ڪفر ڪيو آهي چون ٿا تہ (اي انسانو!) ڇا اسان توهانکي هڪ اهڙي شخص جي خبر ڏيون جيڪو توهانکي اهو ٻڌائي ٿو تہ جڏهين توهان (مرڻ کانپوءِ) ٽڪرا ٽڪرا ڪيا ويندا تہ پوءِ ڳنڍجي توهان هڪ نئين مخلوق جي صورت ۾ بدلجي ويندا.

اَفْتَرٰى عَلَي اللّٰهِ كَذِبًا اَمْ بِهٖ جِنَّةٌ ۭ بَلِ الَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ بِالْاٰخِرَةِ فِي الْعَذَابِ وَالضَّلٰلِ الْبَعِيْدِ ۝۹

٩. ڇا اهو شخص الله تي ڪوڙو ناهہ ناهي رهيو آهي يا انهيءَ کي چريائي آهي - ائين نہ بلڪ جيڪي ماڻهو آخرت تي ايمان نٿا آڻين اهي (اهڙن برن خيالن جي سببان هينئر کان ئي) عذاب ۽ خطرناڪ گمراهيءَ ۾ مبتلا ٿي ويا آهن.

اَفَلَمْ يَرَوْا اِلٰى مَا بَيْنَ اَيْدِيْهِمْ وَمَا خَلْفَهُمْ مِّنَ السَّمَاۗءِ

١٠. ڇا انهن انهيءَ شئي ڏانهن نہ ڏٺو

وَالْاَرْضِ اِنْ نَّشَاْ نَخْسِفْ بِهِمُ الْاَرْضَ اَوْ نُسْقِطْ عَلَيْهِمْ كِسَفًا مِّنَ السَّمَآءِ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً لِّكُلِّ عَبْدٍ مُّنِيْبٍ ١٠ ع

جيڪا آسمان ۽ زمين کان لنهن جي اڳئين طرف کان ۽ انهن جي پوئين طرف کان انهن کي گهيريو بيٺي آهي - جيڪڏهين اسان چاهيون تہ انهن کي انهن جي ئي ملڪ ۾ تڪليف ۾ مبتلا ڪري ڇڏيون يا انهن تي ڪي ڪڪرن جا ٽڪرا نازل ڪيون.انهيءَ ۾ خدا ڏانهن جهڪڻ واري هر ڪنهن بندي جي لاءِ هڪ نشان آهي.

وَلَقَدْ اٰتَيْنَا دَاوٗدَ مِنَّا فَضْلًا يٰجِبَالُ اَوِّبِيْ مَعَهٗ وَالطَّيْرَ وَاَلَنَّا لَهُ الْحَدِيْدَ ١١

١١- ۽ اسان دائود کي پنهن جي طرفان فضل عطا ڪيو هو (۽ چيو هوسين تہ) اي جبلن جي رهڻ وارا توهان بہ ۽ اي پکيو توهان بہ انهيءَ سان گڏ خدا جي تسبيح ڪيو ۽ اسان هن لاءِ لوهہ کي نرم ڪري ڇڏيو هو.

اَنِ اعْمَلْ سٰبِغٰتٍ وَّقَدِّرْ فِي السَّرْدِ وَاعْمَلُوْا صَالِحًا اِنِّيْ بِمَا تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرٌ ١٢

١٢- (۽ چيو هوسين تہ) پوري سائيز جون زرهون ٺاهيو ۽ انهن جا دائرا ننڍا ٺاهيو ۽ (اي دائود جا سائيو!) پنهن جي ايمان جي مطابق عمل ڪيو, مان توهانجي عمل کي ڏسي رهيو آهيان.

وَلِسُلَيْمٰنَ الرِّيْحَ غُدُوُّهَا شَهْرٌ وَّرَوَاحُهَا شَهْرٌ وَاَسَلْنَا لَهٗ عَيْنَ الْقِطْرِ وَمِنَ الْجِنِّ مَنْ يَّعْمَلُ بَيْنَ يَدَيْهِ بِاِذْنِ رَبِّهٖ وَمَنْ يَّزِغْ مِنْهُمْ عَنْ اَمْرِنَا نُذِقْهُ مِنْ عَذَابِ السَّعِيْرِ ١٣

١٣- ۽ (اسان) سليمان کي اهڙي هوا (عطا ڪئي هئي) جنهن جو صبح جو هلڻ هڪ مهيني جي برابر هوندو هو ۽ شام جو هلڻ بہ هڪ مهيني جي برابر هوندو هو ۽ اسان انهيءَ جي لاءِ ٽامي جو چشمو پگهرائي ڇڏيو هو ۽ اسان انهيءَ کي جنن جي هڪ جماعت عطا ڪئي هئي جيڪا انهيءَ جي رب جي حڪم سان انهيءَ جي تابع فرمان عمل ڪندي هئي ۽ (اهو بہ چئي ڇڏيو هو تہ) انهن مان جيڪو بہ اسان جي حڪم کان ڏنگ اختيار ڪندو اسان انهيءَ کي ٻڙڪندڙ عذاب پهچائينداسين.

يَعْمَلُوْنَ لَهٗ مَا يَشَآءُ مِنْ مَّحَارِيْبَ وَتَمَاثِيْلَ وَجِفَانٍ
كَالْجَوَابِ وَقُدُوْرٍ رّٰسِيٰتٍ ؕ اِعْمَلُوْٓا اٰلَ دَاوٗدَ شُكْرًا ؕ
وَقَلِيْلٌ مِّنْ عِبَادِيَ الشَّكُوْرُ ﴿۱۳﴾

۱۴- اهو جيڪي ڪي چاهيندو هو جن (يعني سرڪش قومن جا سردار) انهيءَ لاءِ ٺاهيندا هئا يعني مسجدون ۽ قالب ۾ تيار ڪيل مورتون ۽ وڏيون وڏيون ٻانيون جيڪي حوضن جي برابر هونديون هيون ۽ ڳريون ڳريون ديڳيون جيڪي هر وقت چلهين تي رکيون هونديون هيون (۽ اسان چيو) اي دائود جي خاندان وارؤ! شڪر گذاريءَ سان عمل ڪيو منهن جي ٻانهن مان تمام گهٽ ماڻهو شڪر گذار هوندا آهن.

فَلَمَّا قَضَيْنَا عَلَيْهِ الْمَوْتَ مَا دَلَّهُمْ عَلٰى مَوْتِهٖٓ اِلَّا
دَآبَّةُ الْاَرْضِ تَاْكُلُ مِنْسَاَتَهٗ ۚ فَلَمَّا خَرَّ تَبَيَّنَتِ
الْجِنُّ اَنْ لَّوْ كَانُوْا يَعْلَمُوْنَ الْغَيْبَ مَا لَبِثُوْا فِي
الْعَذَابِ الْمُهِيْنِ ﴿۱۵﴾

۱۵- پوءِ جڏهين اسان انهيءَ جي لاءِ موت جي پهچڻ جو فيصلو ڪيو تہ انهن (يعني سرڪش قومن) کي انهيءَ جي موت جي صرف هڪ زمين جي ڪيڙي خبر ڏني جيڪو هن جي لٺ (حڪومت) کي کائي رهيو هو پوءِ جڏهين هو ڪري پيو تہ جنن تي ظاهر ٿي ويو تہ جيڪڏهين انهن کي غيب جو علم هجي ها تہ اهي ذلت واري عذاب ۾ نہ پيا هجن ها.

لَقَدْ كَانَ لِسَبَاٍ فِيْ مَسْكَنِهِمْ اٰيَةٌ ۚ جَنَّتٰنِ عَنْ يَّمِيْنٍ
وَّشِمَالٍ ؕ كُلُوْا مِنْ رِّزْقِ رَبِّكُمْ وَاشْكُرُوْا لَهٗ ؕ بَلْدَةٌ
طَيِّبَةٌ وَّرَبٌّ غَفُوْرٌ ﴿۱۶﴾

۱٦- سبا جي لاءِ انهن جي پنهن جي ملڪ ۾ هڪ وڏي نشاني موجود هئي (۽ اها) ٻن باغن جي صورت ۾ موجود (هئي) جن مان هڪ ساڄي طرف هو ۽ هڪ کاٻي طرف (هو) (۽ اسان انهن کي چئي ڇڏيو هو تہ) پنهن جي ربّ جي رزق کي کائو ۽ انهيءَ جو شڪر ادا ڪيو (توهانجو) شهر هڪ خوب صورت شهر آهي ۽ (توهانجو) رب ڏاڍو بخشڻ وارو آهي.

فَاَعْرَضُوْا فَاَرْسَلْنَا عَلَيْهِمْ سَيْلَ الْعَرِمِ وَبَدَّلْنٰهُمْ

۱۷- پوءِ بہ انهن (حق کان) منهن موڙي ڇڏيو تڏهين اسان (انهن جي حق حاصل ڪرڻ

بِجَنَّتَيْهِمْ جَنَّتَيْنِ ذَوَاتَىْ اُكُلٍ خَمْطٍ وَّاَثْلٍ وَّ شَىْءٍ مِّنْ سِدْرٍ قَلِيْلٍ ﴿١٦﴾

ڪان مايوس ٿي) انهن تي اهڙي ٻوڏ موڪلي جيڪا هر شيءِ کي تباهه ڪندي ٿي ويئي ۽ اسان انهن جي ٻن اعليٰ درجي جي باغن جي جاءِ تي انهن کي ٻه اهڙا باغ ڏنا جن جا ميوا ڪسارا هئا ۽ جن ۾ لئا هوندا هئا يا ڪجهه ٿورڙيون ٻيريون هيون.

ذٰلِكَ جَزَيْنٰهُمْ بِمَا كَفَرُوْا ۚ وَهَلْ نُجٰزِىْٓ اِلَّا الْكَفُوْرَ ﴿١٨﴾

١٨. هيءَ سزا اسان انهن کي انهن جي ناشڪري جي سببان ڏني هئي ۽ بي شڪرن کي ئي اسان اهڙو بدلو ڏيندا آهيون.

وَجَعَلْنَا بَيْنَهُمْ وَبَيْنَ الْقُرَى الَّتِىْ بٰرَكْنَا فِيْهَا قُرًى ظَاهِرَةً وَّقَدَّرْنَا فِيْهَا السَّيْرَ ۚ سِيْرُوْا فِيْهَا لَيَالِىَ وَاَيَّامًا اٰمِنِيْنَ ﴿١٩﴾

١٩. ۽ اسان انهن جي وچ ۽ انهن شهرن جي وچ جن کي اسان برڪت ڏني هئي (يعني فلسطين جيڪو سليمان جو ملڪ هو) ڪيترا شهر آباد ڪري ڇڏيا هئا جيڪي هڪ ٻئي جي سامهون ۽ ويجهو (ويجهو) هئا. ۽ اسان هڪ شهر کان ٻئي شهر تائين وڃڻ جو سفر ننڍو ڪري ڇڏيو هو ۽ چيو هوسين ته راتين جو به ۽ ڏينهن جو به انهن ۾ امن سان سفر ڪيو.

فَقَالُوْا رَبَّنَا بٰعِدْ بَيْنَ اَسْفَارِنَا وَظَلَمُوْٓا اَنْفُسَهُمْ فَجَعَلْنٰهُمْ اَحَادِيْثَ وَمَزَّقْنٰهُمْ كُلَّ مُمَزَّقٍ ۭ اِنَّ فِىْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّكُلِّ صَبَّارٍ شَكُوْرٍ ﴿٢٠﴾

٢٠. (پر شڪر ادا ڪرڻ جي بدران) انهن (هينئن) چيو ته اي اسانجا رب! اسانجي سفرن کي ڏگهو ڪري ڇڏ (انهيءَ لاءِ ته سير ۽ سفر ۾ مزو اچي) ۽ انهن پنهن جي جانين تي ظلم ڪيو پوءِ اسان انهن جو نالو مٽائي ڇڏيو ۽ انهن کي قديم زماني جا افسانا بنائي ڇڏيو. ۽ تباهه ڪري پرزا پرزا ڪري ڇڏيو. انهيءَ ۾ هر ڪنهن صبر ڪرڻ واري ۽ گهڻون شڪر ڪرڻ واري ڀانهي لاءِ وڏا نشان آهن.

وَلَقَدْ صَدَّقَ عَلَيْهِمْ اِبْلِيْسُ ظَنَّهٗ فَاتَّبَعُوْهُ اِلَّا فَرِيْقًا مِّنَ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿٢١﴾

٢١. ۽ ابليس انهن جي باري ۾ پنهن جي خيال کي سچو ثابت ڪري ڇڏيو ۽ مومنن جي هڪ گروهه کي ڇڏي باقي ماڻهن (يعني

كافرن) انهن جي پيروي ڪئي.

وَمَا كَانَ لَهُ عَلَيْهِمْ مِّنْ سُلْطَٰنٍ إِلَّا لِنَعْلَمَ مَن يُؤْمِنُ بِالْآخِرَةِ مِمَّنْ هُوَ مِنْهَا فِي شَكٍّ ۗ وَرَبُّكَ عَلَىٰ كُلِّ شَيْءٍ حَفِيظٌ ﴿٢١﴾ ع

٢٢. حالانڪ انهيءَ (يعني شيطان) کي انهن تي ڪوبہ قبضو حاصل نہ هو اهو صرف انهيءَ ڪري ٿيو تہ اسان انهن کي جيڪي آخرت تي ايمان آڻڻ وارا آهن انهن جي مقابلي ۾ جيڪي آخرت تي شڪ رکن ٿا، ڌار ڪري انهن جي اندروني حقيقت کولي ڇڏيون ۽ تنهن جو رب هر شيءِ جو نگران آهي.

قُلِ ادْعُوا الَّذِينَ زَعَمْتُم مِّن دُونِ اللَّهِ ۖ لَا يَمْلِكُونَ مِثْقَالَ ذَرَّةٍ فِي السَّمَاوَاتِ وَلَا فِي الْأَرْضِ وَمَا لَهُمْ فِيهِمَا مِن شِرْكٍ وَمَا لَهُ مِنْهُم مِّن ظَهِيرٍ ﴿٢٢﴾

٢٣. تون چوءُ تہ جن ماڻهن کي توهان پنهن جي خيال جي مطابق الله کانسواءِ پڪاريو ٿا انهن کي (پنهن جي مدد جي لاءِ) سڏيو.اهي آسمانن ۽ زمين ۾ هڪ ننڍڙي ماڪوڙي جي برابر بہ ڪنهن شيءِ جا هرگز مالڪ نہ آهن ۽ انهن پنهي (جي ملڪيت) ۾ انهن کي (ڪابہ) شراڪت حاصل نہ آهي.نہ انهيءَ جو انهن مان ڪو مددگار آهي.

وَلَا تَنفَعُ الشَّفَاعَةُ عِندَهُ إِلَّا لِمَنْ أَذِنَ لَهُ ۚ حَتَّىٰ إِذَا فُزِّعَ عَن قُلُوبِهِمْ قَالُوا مَاذَا قَالَ رَبُّكُمْ ۖ قَالُوا الْحَقَّ ۖ وَهُوَ الْعَلِيُّ الْكَبِيرُ ﴿٢٣﴾

٢٤. ۽ انهيءَ (الله) جي حضور انهيءَ شخص جي شفاعت کانسواءِ جنهن کي الله اجازت ڏني هجي (يا جنهن شخص جي حق ۾ الله شفاعت ڪرڻ جي اجازت ڏني هجي) ڪنهن بہ شخص جي شفاعت نفعو نٿي بخشي - ايتري تائين جو جڏهن انهن (شفاعت جي اجازت حاصل ڪرڻ واري گروهہ) جي دلين تان رعب لهي ٿو وڃي تہ پيا ماڻهو انهن کي چون ٿا تہ هاڻي توهانجي رب توهانکي ڇا چيو هو. انهيءَ تي اهي جواب ڏين ٿا (الله) جو ڪجهہ چيو هو سچ چيو هو ۽ اهو بلند شان ۽ وڏن اختيارن وارو آهي.

قُلْ مَن يَرْزُقُكُم مِّنَ السَّمَاوَاتِ وَالْأَرْضِ ۖ قُلِ اللَّهُ ۖ

٢٥. (۽) تون چوءُ (تہ اي انسانو!) آسمانن ۽ زمين مان توهانکي ڪير ٿو رزق ڏئي (۽ پوءِ

وَإِنَّا أَوْ إِيَّاكُمْ لَعَلَىٰ هُدًى أَوْ فِي ضَلَالٍ مُّبِينٍ ۝٢٥

خودني انهيءَ سوال جي جواب ۾) چئو الله (ٻيو ڪير) ۽ مان ۽ توهان يا تہ هدايت تي قائم آهيون يا ظاهر ظهور گمراهيءَ ۾ مبتلا آهيون.

قُل لَّا تُسْأَلُونَ عَمَّا أَجْرَمْنَا وَلَا نُسْأَلُ عَمَّا تَعْمَلُونَ ۝٢٦

٢٦- تون چؤ (جيڪڏهين اسان توهانجي خيال مطابق ڏوهاري آهيون تہ) اسانجي ڏوهن متعلق توهان ڪان نہ پڇيو ويندو ۽ نہ اسان ڪان توهانجن عملن جي متعلق پڇيو ويندو.

قُلْ يَجْمَعُ بَيْنَنَا رَبُّنَا ثُمَّ يَفْتَحُ بَيْنَنَا بِالْحَقِّ وَهُوَ الْفَتَّاحُ الْعَلِيمُ ۝٢٧

٢٧- ۽ هي بہ چؤ تہ اسانجو رب (هڪ ڏينهن) توهانکي ۽ اسانکي (هڪ جنگ جي ميدان ۾) گڏ ڪندو پوءِ حق ۽ انصاف سان اسان ٻنهي جي وچم فيصلو ڪندو ۽ هو سڀني ڪان وڏو (۽) سٺو فيصلو ڪندڙ آهي ۽ هر ڳالهہ کي خوب ڄاڻي ٿو.

قُلْ أَرُونِيَ الَّذِينَ أَلْحَقْتُم بِهِ شُرَكَاءَ ۖ كَلَّا ۚ بَلْ هُوَ اللَّهُ الْعَزِيزُ الْحَكِيمُ ۝٢٨

٢٨- چؤ، اهي مونکي ڏيکاريو تہ سهي جن کي توهان شريڪ ڪري انهيءَ سان ملايو ٿا (انهيءَ جو ڪوبہ شريڪ بنائڻ) هرگز درست ڪونهي پر حق اهو آهي تہ الله غالب (۽) وڏين حڪمتن وارو آهي.

وَمَا أَرْسَلْنَاكَ إِلَّا كَافَّةً لِّلنَّاسِ بَشِيرًا وَنَذِيرًا وَلَٰكِنَّ أَكْثَرَ النَّاسِ لَا يَعْلَمُونَ ۝٢٩

٢٩- ۽ اسان توکي سڀجي بني نوع انسان ڏانهن (جن مان هڪ بہ تنهن جي رسالت جي دائري ڪان ٻاهر نہ رهي اهڙو) رسول بنائي موڪليو آهي جيڪو (مومنن کي) خوشخبري ڏئي ٿو ۽ (ڪافرن کي) هوشيار ڪري ٿو پر انسانن مان اڪثر انهيءَ حقيقت ڪان واقف نہ آهن.

وَيَقُولُونَ مَتَىٰ هَٰذَا الْوَعْدُ إِن كُنتُمْ صَادِقِينَ ۝٣٠

٣٠- ۽ اهي (جوش ۾ اچي) چون ٿا هيءَ (ساري دنيا تائين رسالت جو پيغام ڏيڻ جو) واعدو جيڪڏهين تون سچو آهين ڪڏهين پورو ٿيندو؟.

قُلْ لَّكُمْ مِّيْعَادُ يَوْمٍ لَّا تَسْتَاْخِرُوْنَ عَنْهُ سَاعَةً وَّلَا تَسْتَقْدِمُوْنَ ۝٣١

ع ٣ النصف

٣١. تون چؤ تہ توهان جي لاءِ هڪ ڏينهن جو ميعاد مقرر آهي نہ تہ توهان انهيءَ کان هڪ گهڙي پوئتي رهي سگهندؤ نہ هڪ گهڙي اڳتي وڌي سگهندؤ.

وَقَالَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَنْ نُّؤْمِنَ بِهٰذَا الْقُرْاٰنِ وَلَا بِالَّذِيْ بَيْنَ يَدَيْهِ ؕ وَلَوْ تَرٰٓى اِذِ الظّٰلِمُوْنَ مَوْقُوْفُوْنَ عِنْدَ رَبِّهِمْ ۖۚ يَرْجِعُ بَعْضُهُمْ اِلٰى بَعْضِ اِۨلْقَوْلَ ۚ يَقُوْلُ الَّذِيْنَ اسْتُضْعِفُوْا لِلَّذِيْنَ اسْتَكْبَرُوْا لَوْلَآ اَنْتُمْ لَكُنَّا مُؤْمِنِيْنَ ۝٣٢

٣٢. ۽ ڪافر چون ٿا تہ اسان نہ تہ هن قرآن کي مڃون ٿا ۽ نہ انهن پيشگوين کي جيڪي انهي جي متعلق ڪيون ويون آهن ۽ جيڪڏهين تون ظالمن کي انهيءَ وقت ڏسين جڏهين اهي پنهن جي رب جي اڳيان بيهاريا ويندا ۽ انهن مان ڪي ڪن سان بحث ڪري رهيا هوندا ۽ ڪمزور طبقو متڪبر طبقي کي چئي رهيو هوندو تہ جيڪڏهين توهان نہ هجو ها تہ اسان ضرور ايمان آڻيون ها.

قَالَ الَّذِيْنَ اسْتَكْبَرُوْا لِلَّذِيْنَ اسْتُضْعِفُوْٓا اَنَحْنُ صَدَدْنٰكُمْ عَنِ الْهُدٰى بَعْدَ اِذْ جَآءَكُمْ بَلْ كُنْتُمْ مُّجْرِمِيْنَ ۝٣٣

٣٣. (تڏهين) متڪبر طبقو جواب ۾ ڪمزور طبقي کي چوندو تہ جڏهين هدايت توهان وٽ پهچي ويئي هئي تہ ڇا اسان توهانکي انهيءَ کان روڪيو هو؟ (هرگز نہ) پر توهان خود ئي ڏوهاري هئا.

وَقَالَ الَّذِيْنَ اسْتُضْعِفُوْا لِلَّذِيْنَ اسْتَكْبَرُوْا بَلْ مَكْرُ الَّيْلِ وَالنَّهَارِ اِذْ تَاْمُرُوْنَنَآ اَنْ نَّكْفُرَ بِاللّٰهِ وَنَجْعَلَ لَهٗٓ اَنْدَادًا ؕ وَاَسَرُّوا النَّدَامَةَ لَمَّا رَاَوُا الْعَذَابَ ؕ وَجَعَلْنَا الْاَغْلٰلَ فِيْٓ اَعْنَاقِ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا ؕ هَلْ يُجْزَوْنَ اِلَّا مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ۝٣٣

٣٤. ۽ اهي ماڻهو جن کي ضعيف سمجهيو ويو هو. انهن ماڻهن کي جيڪي متڪبر هئا چوندا (اسان اڻين ئي ڏوهاري نہ بنجي ويا هئاسين) پر توهانجي رات ۽ ڏينهن جي تدبيرن اسانکي اڻين بنائي ڇڏيو. جڏهين تہ توهان اسانکي الله جي حڪمن جي انڪار ڪرڻ ۽ انهيءَ جي شريڪ بنائڻ جي تعليم ڏيندا هئا ۽ جڏهين (انهن سرڪشين جي نتيجي ۾) انهن هڪ خطرناڪ عذاب ڏٺو تہ (جيڪي ماڻهو پنهن جي پاڻ کي وڏو سمجهندا هئا) انهن (پنهنجي دل جي) شرمساريءَ کي لڪائڻ شروع ڪيو ۽ اسان

انهن مان جيڪي پڪا ڪافر هوندا انهن جي ڳچين ۾ ڳٽ وجهنداسين (۽ اها سزا انهن جي بد عملين کان وڌيڪ نہ هوندي تہ چا اهي سمجهي نٿا سگهن تہ) انهن کي جيڪا سزا ڏني ويندي اها انهن جي عمل جي مطابق هوندي.

وَمَآ أَرْسَلْنَا فِي قَرْيَةٍ مِّن نَّذِيرٍ إِلَّا قَالَ مُتْرَفُوهَآ
إِنَّا بِمَآ أُرْسِلْتُم بِهِۦ كَٰفِرُونَ ﴿٣٥﴾

٣٥- ۽ اسان ڪنهن شهر ۾ ڪو هوشيار ڪرڻ وارو (نبي) نہ موڪليو آهي جو انهيءَ جي آسودن ماڻهن هيءَ نہ چيو هجي تہ (اي رسول!) اسان توهانجي رسالت جا منڪر آهيون.

وَقَالُوا۟ نَحْنُ أَكْثَرُ أَمْوَٰلًا وَأَوْلَٰدًا وَمَا نَحْنُ بِمُعَذَّبِينَ ﴿٣٦﴾

٣٦- پڻ اهي اهو بہ چوندا رهيا آهن تہ اسان توهان کان مال ۽ اولاد ۾ وڌيڪ آهيون ۽ اسان تي ڪڏهين بہ عذاب نازل نہ ٿيندو.

قُلْ إِنَّ رَبِّي يَبْسُطُ ٱلرِّزْقَ لِمَن يَشَآءُ وَيَقْدِرُ وَلَٰكِنَّ
أَكْثَرَ ٱلنَّاسِ لَا يَعْلَمُونَ ﴿٣٧﴾ ع

٣٧- تون چؤ، منهنجو رب، جنهن لاءِ چاهيٿو رزق (جو دروازو) کولي ڇڏيٿو ۽ جنهن لاءِ گهري ٿو تنگ ڪري ڇڏي ٿو پر ماڻهن مان اڪثر ڄاڻن نٿا.

وَمَآ أَمْوَٰلُكُمْ وَلَآ أَوْلَٰدُكُم بِٱلَّتِي تُقَرِّبُكُمْ عِندَنَا
زُلْفَىٰٓ إِلَّا مَنْ ءَامَنَ وَعَمِلَ صَٰلِحًا فَأُو۟لَٰٓئِكَ لَهُمْ
جَزَآءُ ٱلضِّعْفِ بِمَا عَمِلُوا۟ وَهُمْ فِي ٱلْغُرُفَٰتِ ءَامِنُونَ ﴿٣٨﴾

٣٨- ۽ توهانجو مال ۽ توهانجو اولاد اهڙي شيءِ نہ آهن جو توهانکي اسانجو مقرب بنائي ڇڏين. ها جيڪو ايمان آڻيٿو ۽ انهيءَ جي حال سارو عمل ڪري ٿو (اهو ئي اسانجو مقرب هوندو آهي) ۽ اهڙن ئي ماڻهن کي انهن جي سٺن عملن جي سبب جي ڪري وڌ کان وڌ بدلو ملندو ۽ اهي ماڙين ۾ امن سان زندگي بسر ڪندا.

وَٱلَّذِينَ يَسْعَوْنَ فِيٓ ءَايَٰتِنَا مُعَٰجِزِينَ أُو۟لَٰٓئِكَ فِي
ٱلْعَذَابِ مُحْضَرُونَ ﴿٣٩﴾

٣٩- ۽ اهي ماڻهو جيڪي اسانجي نشانن جي باري ۾ اسانکي عاجز ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪن ٿا اهي ماڻهو سخت عذاب جي سامهون پيش ڪيا ويندا.

قُلْ اِنَّ رَبِّىْ يَبْسُطُ الرِّزْقَ لِمَنْ يَّشَآءُ مِنْ عِبَادِهٖ وَ
يَقْدِرُ لَهٗ ؕ وَمَآ اَنْفَقْتُمْ مِّنْ شَىْءٍ فَهُوَ يُخْلِفُهٗ ۚ وَ
هُوَ خَيْرُ الرّٰزِقِيْنَ ﴿٤٠﴾

٤٠- (۽) تون چؤ منهن جو رب پنهن جن ٻانهن مان جنهن جي رزق کي گهري ٿو ڪشادو ڪري ٿو ۽ جنهن جي رزق کي چاهي ٿو تنگ ڪري ڇڏي ٿو ۽ جيڪي ڪي توهان خرچ ڪيو، اهو انهيءَ جو نتيجو ضرور ڪيندو اهو سڀني رزق ڏيڻ وارن مان سٺو (۽ ڪامل) آهي.

وَيَوْمَ يَحْشُرُهُمْ جَمِيْعًا ثُمَّ يَقُوْلُ لِلْمَلٰٓئِكَةِ اَهٰٓؤُلَآءِ
اِيَّاكُمْ كَانُوْا يَعْبُدُوْنَ ﴿٤١﴾

٤١- ۽ جنهن ڏينهن اهو (الله) انهن سڀني کي گڏ ڪندو پوءِ اهو فرشتن کي چوندو ڇا هي ماڻهو توهانجي عبادت ڪندا هئا؟

قَالُوْا سُبْحٰنَكَ اَنْتَ وَلِيُّنَا مِنْ دُوْنِهِمْ ۚ بَلْ كَانُوْا
يَعْبُدُوْنَ الْجِنَّ ۚ اَكْثَرُهُمْ بِهِمْ مُّؤْمِنُوْنَ ﴿٤٢﴾

٤٢- اهي چوندا تون پاڪ آهين انهن کي ڇڏي فقط تون اسانجو دوست آهين (پوءِ ائين نہ جهڙيءَ طرح ڪافر چوندا) پر حقيقت هيءَ آهي تہ اهي خيالي ۽ ڳجهين هستين جي عبادت ڪندا هئا ۽ انهن مان اڪثر انهن هستين تي ايمان آڻيندا هئا.

فَالْيَوْمَ لَا يَمْلِكُ بَعْضُكُمْ لِبَعْضٍ نَّفْعًا وَّلَا ضَرًّا ؕ
وَنَقُوْلُ لِلَّذِيْنَ ظَلَمُوْا ذُوْقُوْا عَذَابَ النَّارِ الَّتِىْ كُنْتُمْ
بِهَا تُكَذِّبُوْنَ ﴿٤٣﴾

٤٣- پوءِ انهن کي چيو ويندو. اڄ توهان مان ڪي ڪن کي نہ نفعو پهچائي سگهندو نہ نقصان ۽ اسان ظالمن کي چونداسين تہ هن دوزخ جو عذاب چکو. جنهن کي توهان ڪوڙو سمجهندا هئا.

وَاِذَا تُتْلٰى عَلَيْهِمْ اٰيٰتُنَا بَيِّنٰتٍ قَالُوْا مَا هٰذَآ اِلَّا رَجُلٌ
يُّرِيْدُ اَنْ يَّصُدَّكُمْ عَمَّا كَانَ يَعْبُدُ اٰبَآؤُكُمْ ۚ وَ
قَالُوْا مَا هٰذَآ اِلَّآ اِفْكٌ مُّفْتَرًى ؕ وَقَالَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا
لِلْحَقِّ لَمَّا جَآءَهُمْ ۙ اِنْ هٰذَآ اِلَّا سِحْرٌ مُّبِيْنٌ ﴿٤٤﴾

٤٤- ۽ جڏهين انهن جي اڳيان اسانجا ظاهر ظهور نشان پڙهي ٻڌايا وڃن ٿا تہ اهي چون ٿا تہ هي شخص صرف اهڙو ماڻهو آهي جيڪو توهانکي انهن (هستين) جي عبادت کان روڪڻ چاهيٿو جن جي توهان جا ابا ڏاڏا عبادت ڪندا هئا ۽ چون ٿا هي (قرآن رڳو) ڪوڙ آهي جيڪو پنهن جي نفس مان ٺاهيو ويو آهي ۽ جڏهن ڪامل سچائي انهن وٽ اچي وڃي ٿي تہ ڪافر مجبور ٿي هيئن چون

تنا تہ هيءَ تہ هڪ ظاهر ظهور ڊوکو آهي.

وَمَآ اٰتَيْنٰهُمْ مِّنْ كُتُبٍ يَّدْرُسُوْنَهَا وَمَآ اَرْسَلْنَآ اِلَيْهِمْ قَبْلَكَ مِنْ نَّذِيْرٍ ﴿٤٤﴾

٤٥. ۽ اسان انهن کي ڪو (آسماني) صحيفا نہ ڏنا آهن جن کي اهي پڙهندا هجن (۽ انهن ۾ اهڙيون بيهوديون ڳالهيون لکيل هجن) ۽ نہ اسان انهن ڏانهن توکان پهرين ڪو اهڙو ڊيڄارڻ وارو موڪليو آهي (جنهن اهڙيون بيهوديون ڳالهيون انهن کي سيکاريون هجن).

وَكَذَّبَ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ ۙ وَمَا بَلَغُوْا مِعْشَارَ مَآ اٰتَيْنٰهُمْ فَكَذَّبُوْا رُسُلِيْ ۣ فَكَيْفَ كَانَ نَكِيْرِ ﴿٤٥﴾ ع

٤٦. ۽ جيڪي ماڻهون انهن کان پهرين هئا انهن بہ (پنهن جي رسولن کي) ڪوڙو سمجهيو هو ۽ هن زماني جي ماڻهن کي انهيءَ طاقت جو ڏهون حصو بہ نہ مليو آهي جيڪا اسان انهن کان پهرين ماڻهن کي ڏني هئي پر انهن ماڻهن (بہ باوجود پهرين کان ذليل هئڻ جي ۽ انهن جي سزا کي ڏسڻ جي) اسانجن رسولن جو انڪار ئي ڪيو. سو (هاڻي ڏسن تہ انهن حالتن ۾) منهن جي انڪار جو نتيجو (يعني عذاب) ڪهڙو ٿئي ٿو.

قُلْ اِنَّمَآ اَعِظُكُمْ بِوَاحِدَةٍ ۚ اَنْ تَقُوْمُوْا لِلّٰهِ مَثْنٰى وَفُرَادٰى ثُمَّ تَتَفَكَّرُوْا ۣ مَا بِصَاحِبِكُمْ مِّنْ جِنَّةٍ ۭ اِنْ هُوَ اِلَّا نَذِيْرٌ لَّكُمْ بَيْنَ يَدَيْ عَذَابٍ شَدِيْدٍ ﴿٤٦﴾

٤٧. تون چؤ. مان توهانکي هڪ ڳالهہ جي نصيحت ٿو ڪيان (گهٽ ۾ گهٽ اها تہ مڃيو) اها هيءَ آهي تہ الله جي اڳيان بہ بہ ٻہ ٿي ۽ اڪيلا اڪيلا بيهي وڃو. پوءِ غور ڪيو (تہ لازمن اهوئي نتيجو نڪرندو) تہ توهانجو هي رسول چريو نہ آهي. اهو صرف توهانکي آئيندي اچڻ واري سخت عذاب کان هوشيار ڪرڻ وارو (شخص) آهي.

قُلْ مَا سَاَلْتُكُمْ مِّنْ اَجْرٍ فَهُوَ لَكُمْ ۭ اِنْ اَجْرِيَ اِلَّا عَلَى اللّٰهِ ۚ وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ شَهِيْدٌ ﴿٤٧﴾

٤٨. تون چؤ مون توهان کان (تبليغ رسالت جي بدلي ۾) جيڪا بہ اجرت گهري هجي اها توهان ئي وٺو. منهن جو حق صرف الله

تي آهي ۽ هو هر ڪنهن شيءِ کي ڏسي رهيو آهي).

قُلْ اِنَّ رَبِّيْ يَقْذِفُ بِالْحَقِّ ۚ عَلَّامُ الْغُيُوْبِ ﴿۴۹﴾

۴۹. (پوءِ انهن کي) چؤ ته منهنجي رب يقينن حق جي ذريعي (ڪوڙ کي) ٽڪرا ٽڪرا ڪري رهيو آهي ۽ اهو هر ڪنهن غيب کي چڱيءَ طرح ڄاڻي ٿو.

قُلْ جَآءَ الْحَقُّ وَمَا يُبْدِئُ الْبَاطِلُ وَمَا يُعِيْدُ ﴿۵۰﴾

۵۰. (۽) چؤ ته ڪامل حق اچي ويو آهي ۽ ڪوڙ ڪابه شيءِ پيدا نٿو ڪري ۽ نه ڪنهن مري ويل شيءِ کي واپس آڻي سگھيٿو.

قُلْ اِنْ ضَلَلْتُ فَاِنَّمَآ اَضِلُّ عَلٰى نَفْسِيْ ۚ وَاِنِ اهْتَدَيْتُ فَبِمَا يُوْحِيْٓ اِلَيَّ رَبِّيْ ۭ اِنَّهٗ سَمِيْعٌ قَرِيْبٌ ﴿۵۱﴾

۵۱. تون چؤ ته جيڪڏهين مان گمراهه آهيان ته منهن جي گمراهيءَ جي مصيبت صرف منهن جي ذات تي پوندي ۽ جيڪڏهين مان هدايت تي آهيان ته صرف هن وحيءَ جي سببان آهيان جيڪا منهن جي رب مون تي نازل ڪئي آهي. هو يقينن ڏاڍو دعائن ٻڌڻ وارو (۽) ٻانهي وٽ ئي موجود رهڻ وارو آهي.

وَلَوْ تَرٰٓى اِذْ فَزِعُوْا فَلَا فَوْتَ وَاُخِذُوْا مِنْ مَّكَانٍ قَرِيْبٍ ﴿۵۲﴾

۵۲. ۽ جيڪڏهين تون انهيءَ حالت کي ڏسين جڏهن ته اهي (خدا جي عذاب جي سببان) گهبرائجي ويندا ۽ انهن کي ڀڄڻ جو رستو نه ملندو ۽ هڪ ويجهي گهر مان اهي پڪڙيا ويندا (ته توکي معلوم ٿي ويندو ته اهي ڪهڙا بزدل آهن).

وَّقَالُوْٓا اٰمَنَّا بِهٖ ۚ وَاَنّٰى لَهُمُ التَّنَاوُشُ مِنْ مَّكَانٍۢ بَعِيْدٍ ﴿۵۳﴾

۵۳. ۽ چوندا ته اسان هن (ڪلام) تي ايمان آندو پر انهن کي انهيءَ (يعني ايمان) جو حاصل ڪرڻ ايترو پري وڃي ڪري ڪهڙي ريت نصيب ٿي سگهيٿو.

وَّقَدْ كَفَرُوْا بِهٖ مِنْ قَبْلُ ۚ وَيَقْذِفُوْنَ بِالْغَيْبِ مِنْ

۵۴. ۽ اهي انهيءَ کان پهرين انهيءَ جو انڪار ڪري چڪا آهن ۽ پري ويهي ٻنان

مَكَانٍۭ بَعِيۡدٍ۝۵۳

وَحِيۡلَ بَيۡنَهُمۡ وَبَيۡنَ مَا يَشۡتَهُوۡنَ كَمَا فُعِلَ بِاَشۡيَاعِهِمۡ مِّنۡ قَبۡلُ ؕ اِنَّهُمۡ كَانُوۡا فِىۡ شَكٍّ مُّرِيۡبٍ۝۵۵ ع ٦ ١٢

غور ۽ ويچار جي خيالي اعتراض ڪندا رهيا آهن.

٥٥. ۽ انهن جي وچ ۽ انهن جي خواهشن جي وچ رنڊڪون وڌيون ويئون. اهڙيءَ طرح جهڙيءَ طرح انهن جي هم جنس ماڻهن سان انهن کان پهريون ڪيو ويو هو. اهي به هڪ اهڙي شڪ ۾ مبتلا هئا جيڪو بيچيني پيدا ڪرڻ وارو هو (۽ هي به).

## سُوْرَةُ فَاطِرٍ مَّكِّيَّةٌ وَّهِيَ مَعَ الْبَسْمَلَةِ سِتٌّ وَّاَرْبَعُوْنَ اٰيَةً وَّخَمْسَةُ رُكُوْعَاتٍ

سورت فاطر - هي سورت مڪي آهي ۽ بسم الله سميت هن جون ڇائيتاليهه آيتون ۽ پنج رڪوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ①

١- (مان) الله جو نالو وٺي جيڪو بيحد ڪرم ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي (پڙهانٿو)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ فَاطِرِ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ جَاعِلِ الْمَلٰٓئِكَةِ رُسُلًا اُولِيْٓ اَجْنِحَةٍ مَّثْنٰى وَثُلٰثَ وَرُبٰعَ ۭ يَزِيْدُ فِي الْخَلْقِ مَا يَشَآءُ ۭ اِنَّ اللّٰهَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ②

٢- الله جي لاءِ ئي سڀ تعريف آهي جيڪو آسمانن ۽ زمين کي (هڪ نئين نظام جي مطابق) پيدا ڪرڻ وارو آهي (۽) فرشتن کي اهڙي حالت ۾ رسول بنائي موڪلڻ وارو آهي جو ڪڏهن ته انهن کي ٻه ٻه پر هوندا آهن، ڪڏهن ٽي ٽي ۽ ڪڏهن چار چار (۽ انهن فرشتن جي پرن جي) پيدائش ۾ اهو (الله) جيتري چاهي ٿو زيادتي بخشي ٿو الله هر هڪ شيءِ تي ڏاڍو قادر آهي.

مَا يَفْتَحِ اللّٰهُ لِلنَّاسِ مِنْ رَّحْمَةٍ فَلَا مُمْسِكَ لَهَا ۚ وَمَا يُمْسِكْ ۙ فَلَا مُرْسِلَ لَهٗ مِنْۢ بَعْدِهٖ ۭ وَهُوَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ③

٣- جيڪو رحمت جو سامان الله ماڻهن لاءِ کولي ٿو انهيءَ کي ڪوبه بند ڪرڻ وارو ڪونهي ۽ جنهن رحمت جي سامان کي اهو بند ڪري انهيءَ کي خدا جي فضل کانپوءِ ڪوبه جاري ڪرڻ وارو ڪونهي ۽ اهو وڏو غالب (۽) وڏي حڪمت وارو آهي.

يٰٓاَيُّهَا النَّاسُ اذْكُرُوْا نِعْمَتَ اللّٰهِ عَلَيْكُمْ ۭ هَلْ مِنْ خَالِقٍ غَيْرُ اللّٰهِ يَرْزُقُكُمْ مِّنَ السَّمَآءِ وَالْاَرْضِ ۭ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۡ فَاَنّٰى تُؤْفَكُوْنَ ④

٤- اي انسانو ! الله جي جيڪا نعمت توهان تي نازل ٿي آهي انهيءَ کي ياد ڪيو. ڇا الله کان سواءِ ڪوبه خالق آهي جيڪو آسمان ۽ زمين مان توهان کي رزق ڏيندو هجي؟ انهيءَ کانسواءِ ڪوبه معبود ناهي پوءِ توهان ڪيڏانهن برغلا ئي نيا وڃو ٿا.

وَاِنْ يُّكَذِّبُوْكَ فَقَدْ كُذِّبَتْ رُسُلٌ مِّنْ قَبْلِكَ ۭ وَ

٥- جيڪڏهن اهي ماڻهو توهان کي ڪوڙو

إِلَى اللّٰهِ تُرْجَعُ الْأُمُورُ۝

كن ٿا تہ (ڪهڙو حرج آهي) توکان پهرين جيترا رسول ٿي گذريا آهن انهن کي بہ ڪوڙو ڪيو ويو هو ۽ سڀ معاملا (فيصلي جي لاءِ) الله جي حضور ۾ پيش ڪيا ويندا.

يٰٓأَيُّهَا النَّاسُ إِنَّ وَعْدَ اللّٰهِ حَقٌّ فَلَا تَغُرَّنَّكُمُ الْحَيٰوةُ الدُّنْيَا ۖ وَلَا يَغُرَّنَّكُمْ بِاللّٰهِ الْغَرُورُ۝٦

٦۔ اي انسانو! الله جو واعدو يقينن سچو آهي پوءِ توهان کي دنيوي زندگي دوکي ۾ نہ وجهي ۽ ڪوبہ دوکي ڏيڻ وارو توهان کي الله جي باري ۾ دوکو نہ ڏئي.

إِنَّ الشَّيْطٰنَ لَكُمْ عَدُوٌّ فَاتَّخِذُوهُ عَدُوًّا ۚ إِنَّمَا يَدْعُوا حِزْبَهُ لِيَكُونُوا مِنْ أَصْحٰبِ السَّعِيرِ۝٧

٧۔ شيطان توهان جو يقينن دشمن آهي پوءِ انهيءَ کي دشمن ئي سمجهو اهو پنهنجي ساٿين کي صرف انهيءَ لاءِ سڏي ٿو تہ اهي دوزخي بنجي وڃن.

الَّذِينَ كَفَرُوا لَهُمْ عَذَابٌ شَدِيدٌ ۖ وَالَّذِينَ اٰمَنُوا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ لَهُمْ مَغْفِرَةٌ وَأَجْرٌ كَبِيرٌ۝٨ ع

٨۔ اهي ماڻهو جن ڪفر ڪيو آهي انهن جي لاءِ سخت عذاب مقدر آهي ۽ اهي ماڻهو جن ايمان آندو ۽ ايمان جي مطابق انهن ڪم بہ ڪيا انهن جي حصي ۾ بخشش ۽ تمام وڏو انعام آهي.

أَفَمَنْ زُيِّنَ لَهُ سُوٓءُ عَمَلِهِ فَرَاٰهُ حَسَنًا ۖ فَإِنَّ اللّٰهَ يُضِلُّ مَنْ يَشَآءُ وَيَهْدِي مَنْ يَشَآءُ ۖ فَلَا تَذْهَبْ نَفْسُكَ عَلَيْهِمْ حَسَرٰتٍ ۚ إِنَّ اللّٰهَ عَلِيمٌ بِمَا يَصْنَعُونَ۝٩

٩۔ ڇا جنهن شخص جي لاءِ انهي جي بداعمالي خوبصورت ڪري ڏيکاري وئي هجي ۽ اهو انهيءَ کي چڱو سمجهندو هجي (اهو هدايت حاصل ڪري سگهيٿو؟) پوءِ ياد رکو, الله جنهن کي گهري ٿو (يعني انهي جي قابل سمجهي ٿو) انهي کي تباهہ ڪري ڇڏي ٿو ۽ جنهن کي گهري ٿو (يعني قابل سمجهي ٿو) انهي کي ڪاميابيءَ جو رستو ڏيکاري ڇڏيٿو. پوءِ تنهن جي جان انهن جي ڪري حسرت ۽ غم جي باعث تباهہ نہ ٿي وڃي.الله انهن جي عملن کي خوب ڄاڻي ٿو (پوءِ خدا جي سزا عمل جي عين مطابق هوندي آهي سواءِ سبب جي نہ هوندي آهي).

وَاللّٰهُ الَّذِيۡۤ اَرۡسَلَ الرِّيٰحَ فَتُثِيۡرُ سَحَابًا فَسُقۡنٰهُ اِلٰى بَلَدٍ مَّيِّتٍ فَاَحۡيَيۡنَا بِهِ الۡاَرۡضَ بَعۡدَ مَوۡتِهَا ؕ كَذٰلِكَ النُّشُوۡرُ ﴿۱۰﴾

١٠- ۽ الله اهو آهي جيڪو هوائون موڪلي ٿو جيڪي ڪڪر کي کڻن ٿيون پوءِ اسان انهيءَ کي هڪ مرده ملڪ ڏانهن ڏکي وڃون ٿا ۽ انهي جي ذريعي زمين کي انهيءَ جي ويراني کانپوءِ آباد ڪري ڇڏيون ٿا اهڙيءَ طرح موت کانپوءِ اٿڻ جو قانون مقرر آهي.

مَنۡ كَانَ يُرِيۡدُ الۡعِزَّةَ فَلِلّٰهِ الۡعِزَّةُ جَمِيۡعًا ؕ اِلَيۡهِ يَصۡعَدُ الۡكَلِمُ الطَّيِّبُ وَالۡعَمَلُ الصَّالِحُ يَرۡفَعُهٗ ؕ وَالَّذِيۡنَ يَمۡكُرُوۡنَ السَّيِّاٰتِ لَهُمۡ عَذَابٌ شَدِيۡدٌ ؕ وَمَكۡرُ اُولٰٓئِكَ هُوَ يَبُوۡرُ ﴿۱۱﴾

١١- جيڪڏهن ڪوبه عزت چاهي ٿو ته انهي کي ياد رکڻ گهرجي ته عزت سڀ الله جي هٿ ۾ آهي. پاڪ ڳالهيون انهيءَ ڏانهن چڙهي وڃن ٿيون ۽ ايمان جي مطابق عمل انهن کي کڻي ٿو ۽ جيڪي ماڻهو (تنهنجي خلاف) بريون تدبيرون ڪن ٿا انهن جي لاءِ سخت عذاب (مقدر) آهي ۽ انهن ماڻهن جي تدبير ئي تباهه ٿيڻ واري شي آهي (نه ٽون).

وَاللّٰهُ خَلَقَكُمۡ مِّنۡ تُرَابٍ ثُمَّ مِنۡ نُّطۡفَةٍ ثُمَّ جَعَلَكُمۡ اَزۡوَاجًا ؕ وَمَا تَحۡمِلُ مِنۡ اُنۡثٰى وَلَا تَضَعُ اِلَّا بِعِلۡمِهٖ ؕ وَمَا يُعَمَّرُ مِنۡ مُّعَمَّرٍ وَّلَا يُنۡقَصُ مِنۡ عُمُرِهٖۤ اِلَّا فِىۡ كِتٰبٍ ؕ اِنَّ ذٰلِكَ عَلَى اللّٰهِ يَسِيۡرٌ ﴿۱۲﴾

١٢- ۽ الله توهان کي مٽيءَ مان پيدا ڪيو آهي انهيءَ کانپوءِ نطفي مان پوءِ جوڙن جي شڪل ۾ بڻايو آهي ۽ ڪنهن عورت کي حمل نٿو ٿئي ۽ نه اها ٻچو ڄڻي ٿي پر اهو خدا جي علم جي مطابق هوندو آهي ۽ نه ڪو وڏي عمر ماڻي ٿو ۽ نه ڪنهن جي عمر ۾ گهٽتائي ڪئي وڃي ٿي پر اها هڪ قانون جي مطابق آهي. هي ڳالهه الله جي لاءِ بلڪل سولي آهي.

وَمَا يَسۡتَوِى الۡبَحۡرٰنِ ۖ هٰذَا عَذۡبٌ فُرَاتٌ سَآئِغٌ شَرَابُهٗ وَهٰذَا مِلۡحٌ اُجَاجٌ ؕ وَمِنۡ كُلٍّ تَاۡكُلُوۡنَ لَحۡمًا طَرِيًّا وَّتَسۡتَخۡرِجُوۡنَ حِلۡيَةً تَلۡبَسُوۡنَهَا ۚ وَتَرَى الۡفُلۡكَ فِيۡهِ مَوَاخِرَ لِتَبۡتَغُوۡا مِنۡ فَضۡلِهٖ وَلَعَلَّكُمۡ تَشۡكُرُوۡنَ ﴿۱۳﴾

١٣- ۽ اهڙا ٻه سمنڊ (يا درياهه) هرگز برابر نٿا ٿي سگهن جو (انهن مان) هڪ ته مٺو ۽ وڻندڙ هجي ۽ انهيءَ جو پاڻي سولائيءَ سان نڙيءَ مان لهي ويندو هجي ۽ هڪ (ٻيو) لوڻ وارو نڙي ساڙڻ وارو هجي ۽ توهان (انهيءَ جي باوجود) انهن ٻنهي سمنڊن (دريائن)

مان تازو گوشت کائو ٿا ۽ انهن مان زيور جي طورتي استعمال ٿيڻ واريون شيون ڪيو ٿا (يعني موتي وغيره) جيڪي توهان پايو ٿا ۽ توهان ٻيڙين کي ڏسو ٿا تہ انهن ۾ لهرن کي چيريندي هليون وڃن ٿيون انهيءَ لاءِ تہ توهان انهيءَ (خدا) جي فضل جي تلاش ڪيو ۽ انهيءَ لاءِ تہ توهان شڪر گذار بڻجو.

يُولِجُ الَّيْلَ فِي النَّهَارِ وَيُولِجُ النَّهَارَ فِي الَّيْلِ وَسَخَّرَ الشَّمْسَ وَالْقَمَرَ كُلٌّ يَجْرِي لِأَجَلٍ مُسَمًّى ذَٰلِكُمُ اللَّهُ رَبُّكُمْ لَهُ الْمُلْكُ وَالَّذِينَ تَدْعُونَ مِنْ دُونِهِ مَا يَمْلِكُونَ مِنْ قِطْمِيرٍ ﴿١٤﴾

١٤. اهو رات کي ڏينهن ۾ داخل ڪري ٿو ۽ ڏينهن کي رات ۾ داخل ڪريٿو ۽ سج ۽ چنڊ کي انهي (سڀ مخلوق جي) خدمت ۾ لڳائي ڇڏيو آهي. انهن مان هر ڪو مقرر مدت لاءِ هلندو رهيٿو. اهو آهي توهانجو رب. بادشاهت انهيءَ جي آهي ۽ جن کي توهان انهيءَ کانسواءِ پڪاريو ٿا اهي کجيءَ جي ڪڪڙي جي وچواري ڇل جي برابر بہ ڪنهن شيءِ جا مالڪ نہ آهن.

إِنْ تَدْعُوهُمْ لَا يَسْمَعُوا دُعَاءَكُمْ وَلَوْ سَمِعُوا مَا اسْتَجَابُوا لَكُمْ وَيَوْمَ الْقِيَامَةِ يَكْفُرُونَ بِشِرْكِكُمْ وَلَا يُنَبِّئُكَ مِثْلُ خَبِيرٍ ﴿١٥﴾ ع

١٥. جيڪڏهين توهان انهن کي سڏيو. اهي ڪڏهين بہ توهانجي دعا نہ ٻڌندا ۽ جيڪڏهين ڪٿي ٻڌن بہ تہ توهانجي فائدي لاءِ انهيءَ کي قبول نہ ڪري سگهندا ۽ پوءِ قيامت جي ڏينهن توهانجي شرڪ جو انڪار ڪري ڇڏيندا ۽ توکي واقف ڪار کان وڌيڪ سٺي خبر ڪو بہ نٿو ڏيئي سگهي.

يَا أَيُّهَا النَّاسُ أَنْتُمُ الْفُقَرَاءُ إِلَى اللَّهِ وَاللَّهُ هُوَ الْغَنِيُّ الْحَمِيدُ ﴿١٦﴾

١٦. اي انسانو! توهان الله جا محتاج آهيو ۽ الله ڪنهن جو محتاج ڪونهي، پر سڀني تعريف جو مالڪ آهي (يعني ٻين جون حاجتون پوريون ڪري ٿو).

إِنْ يَشَأْ يُذْهِبْكُمْ وَيَأْتِ بِخَلْقٍ جَدِيدٍ ﴿١٧﴾

١٧. جيڪڏهين اهو چاهي تہ توهان سڀني کي تباهہ ڪري ڇڏي ۽ هڪ نئين مخلوق پيدا

هوشيار ڪرڻ وارو نہ آيو هجي.

وَإِن يُكَذِّبُوكَ فَقَدْ كَذَّبَ الَّذِينَ مِن قَبْلِهِمْ جَاءَتْهُمْ رُسُلُهُم بِالْبَيِّنَاتِ وَبِالزُّبُرِ وَبِالْكِتَابِ الْمُنِيرِ ﴿٢٦﴾

٢٦۔ ۽ جيڪڏهين اهي ماڻهو توکي ڪوڙو ڪن ٿا تہ انهن ماڻهن بہ جيڪي انهن کان پهرين گذريا هئا (پنهنجي وقت جي رسولن کي) ڪوڙو ڪيو هو. انهن وٽ بہ انهن جي زماني جا رسول دليلن سان ۽ ڪن تعليمن سان آيا هئا ۽ (انهن مان ڪي) روشن ڪرڻ واري ڪتاب سان (بہ آيا هئا).

ثُمَّ أَخَذْتُ الَّذِينَ كَفَرُوا فَكَيْفَ كَانَ نَكِيرِ ﴿٢٧﴾

٢٧۔ پوءِ مون ڪافرن کي انهن جي ڪوڙ ڪوڻ سبب (عذاب سان) پڪڙيو سو (هاڻي ڏسن تہ انهن حالتن ۾) منهن جي انڪار جو نتيجو (يعني عذاب) ڪهڙو هوندو آهي.

أَلَمْ تَرَ أَنَّ اللَّهَ أَنزَلَ مِنَ السَّمَاءِ مَاءً فَأَخْرَجْنَا بِهِ ثَمَرَاتٍ مُّخْتَلِفًا أَلْوَانُهَا وَمِنَ الْجِبَالِ جُدَدٌ بِيضٌ وَحُمْرٌ مُّخْتَلِفٌ أَلْوَانُهَا وَغَرَابِيبُ سُودٌ ﴿٢٨﴾

٢٨۔ ڇا تو ڏٺو نہ آهي تہ الله ڪڪرن مان پاڻي وسايو آهي پوءِ اسان انهيءَ سان مختلف رنگ جا ميوا پيدا ڪيا آهن ۽ جبلن مان مختلف رنگن جا جبل ٿيندا آهن (جيڪي هڪ ٻئي کان ممتاز هوندا آهن) ڪي اڇا ڪي ڳاڙها مختلف رنگن جا ۽ تمام ڪارا بہ.

وَمِنَ النَّاسِ وَالدَّوَابِّ وَالْأَنْعَامِ مُخْتَلِفٌ أَلْوَانُهُ كَذَٰلِكَ إِنَّمَا يَخْشَى اللَّهَ مِنْ عِبَادِهِ الْعُلَمَاءُ إِنَّ اللَّهَ عَزِيزٌ غَفُورٌ ﴿٢٩﴾

٢٩۔ ۽ ماڻهن ۽ چوپاين ۽ جانورن مان بہ ڪي اهڙا هوندا آهن جو انهن مان هر هڪ جو رنگ ٻئي کان جدا ٿيندو آهي - حقيقت اهڙي طرح آهي (۽) الله جي ٻانهن مان صرف عالم انهيءَ کان ڊڄن ٿا. الله وڏو غالب (۽) ڏاڍو بخشڻ وارو آهي.

إِنَّ الَّذِينَ يَتْلُونَ كِتَابَ اللَّهِ وَأَقَامُوا الصَّلَاةَ وَأَنفَقُوا مِمَّا رَزَقْنَاهُمْ سِرًّا وَعَلَانِيَةً يَرْجُونَ تِجَارَةً لَّن تَبُورَ ﴿٣٠﴾

٣٠۔ اهي ماڻهو جيڪي الله جي ڪتاب کي پڙهن ٿا ۽ نماز (با جماعت) ادا ڪن ٿا ۽ جيڪي ڪي اسان انهن کي ڏنو آهي انهيءَ مان لڪ ۾ بہ ۽ ظاهر بہ خرچ ڪن ٿا اهي ٿي درحقيقت اهڙي واپار جي ڳولا ۾ لڳل آهن

جيڪو ڪڏهين بہ تباهہ نہ ٿيندو.

لِيُوَفِّيَهُمْ أُجُورَهُمْ وَيَزِيدَهُم مِّن فَضْلِهِ ۚ إِنَّهُ غَفُورٌ شَكُورٌ ﴿۳۱﴾

۳۱- جو جو انهيءَ جو نتيجو اهو ٿيندو جو الله انهن جي عملن جا پورا پورا اجر ڏيندو ۽ انهن کي (انهن جي عملن جي اجر کانسواءِ) پنهن جي فضل سان اجا بہ زيادهہ ڏيندو (انهيءَ جي سبب ڪري انهن جي حالت هن دنيا کان هزارين دفعا بهتر هوندي) انهيءَ لاءِ جو اهو (خدا) ڏاڍو بخشڻ وارو (۽) ڏاڍو قدر ڪرڻ وارو آهي.

وَالَّذِي أَوْحَيْنَا إِلَيْكَ مِنَ الْكِتَابِ هُوَ الْحَقُّ مُصَدِّقًا لِّمَا بَيْنَ يَدَيْهِ ۗ إِنَّ اللَّهَ بِعِبَادِهِ لَخَبِيرٌ بَصِيرٌ ﴿۳۲﴾

۳۲- ۽ اها ڳالهہ جيڪا اسان هن قرآن مان توتي وحي جي ذريعي موڪلي آهي بلڪل سچي آهي ۽ پوري ٿي رهئي آهي ۽ هن کان پهرينءَ جيڪا وحي اچي چڪي آهي انهيءَ کي پوري ڪرڻ واري آهي الله پنهن جن ٻانهن کان يقينن باخبر آهي (۽) انهن جي حالت کي ڏسي ٿو.

ثُمَّ أَوْرَثْنَا الْكِتَابَ الَّذِينَ اصْطَفَيْنَا مِنْ عِبَادِنَا ۖ فَمِنْهُمْ ظَالِمٌ لِّنَفْسِهِ وَمِنْهُم مُّقْتَصِدٌ وَمِنْهُمْ سَابِقٌ بِالْخَيْرَاتِ بِإِذْنِ اللَّهِ ۚ ذَٰلِكَ هُوَ الْفَضْلُ الْكَبِيرُ ﴿۳۳﴾

۳۳- پوءِ (حقيقت هيءَ آهي تہ وحيءَ جي نازل ٿيڻ کانپوءِ) اسان پنهنجي ڪتاب جو (هميشه) انهن ني ماڻهن کي وارث بنايو آهي، جن کي اسان پنهن جن ٻانهن مان چونڊي ورتو. پوءِ انهن مان ڪوڪو ماڻهو تہ اهڙو ثابت ٿيو، جيڪو پنهن جي جان تي انتهائي ظلم ڪرڻ وارو هو ۽ ڪو انهن مان اهڙو جيڪو وچولي چال هلڻ وارو هو ۽ ڪو ڪو اهڙو نڪتو جيڪو نيڪين ۾ الله جي حڪم سان ٻين کان اڳتي وڌڻ وارو هو - هيءَ (الله جو) وڏو فضل آهي.

جَنَّاتُ عَدْنٍ يَدْخُلُونَهَا يُحَلَّوْنَ فِيهَا مِنْ أَسَاوِرَ مِن ذَهَبٍ وَلُؤْلُؤًا ۖ وَلِبَاسُهُمْ فِيهَا حَرِيرٌ ﴿۳۴﴾

۳۴- (انهيءَ مقام جو بدلو) هميشه رهڻ واريون اهي جنتون هونديون جن ۾ اهي (ماڻهو) داخل ٿيندا (۽) انهن ۾ انهن کي

سونا ڪنگڻ پارايا ويندا ۽ موتين (جا زيور) بہ ۽ انهن جو لباس انهيءَ ۾ ريشم (جو ٺهيل) هوندو.

وَقَالُوا الْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيٓ اَذْهَبَ عَنَّا الْحَزَنَ ۭ اِنَّ رَبَّنَا لَغَفُوْرٌ شَكُوْرُ ۝٣٥

٣٥- ۽ اهي چوندا تہ سڀ تعريف الله ئي جي آهي جنهن اسانجو غم دور ڪري ڇڏيو اسانجو رب يقينن ڏاڍو بخشڻ وارو (۽) ڏاڍو قدردان آهي.

الَّذِيٓ اَحَلَّنَا دَارَ الْمُقَامَةِ مِنْ فَضْلِهٖ ۚ لَا يَمَسُّنَا فِيْهَا نَصَبٌ وَّلَا يَمَسُّنَا فِيْهَا لُغُوْبٌ ۝٣٦

٣٦- هو (خدا) جنهن پنهن جي فضل سان اسانکي رهڻ لاءِ هڪ اهڙي جڳهہ تي رکيو آهي جو جنهن ۾ نہ تہ اسانکي ڪا تڪليف ٿئي ٿي ۽ نہ ٿڪاوٽ.

وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَهُمْ نَارُ جَهَنَّمَ ۚ لَا يُقْضٰى عَلَيْهِمْ فَيَمُوْتُوْا وَلَا يُخَفَّفُ عَنْهُمْ مِّنْ عَذَابِهَا ۭ كَذٰلِكَ نَجْزِيْ كُلَّ كَفُوْرٍ ۝٣٧

٣٧- ۽ اهي ماڻهو جن ڪفر ڪيو آهي انهن کي دوزخ جي باهہ ساڙيندي - نہ تہ انهن تي موت جو فيصلو صادر ٿيندو جو اهي مري وڃن ۽ نہ جهنم جي عذاب ۾ انهن جي خاطر ڪا ڪمي ڪئي ويندي. اسان هر ڪنهن بي شڪر سان اهڙوئي معاملو ڪندا آهيون.

وَهُمْ يَصْطَرِخُوْنَ فِيْهَا ۚ رَبَّنَآ اَخْرِجْنَا نَعْمَلْ صَالِحًا غَيْرَ الَّذِيْ كُنَّا نَعْمَلُ ۭ اَوَلَمْ نُعَمِّرْكُمْ مَّا يَتَذَكَّرُ فِيْهِ مَنْ تَذَكَّرَ وَجَاۗءَكُمُ النَّذِيْرُ ۭ فَذُوْقُوْا فَمَا لِلظّٰلِمِيْنَ مِنْ نَّصِيْرٍ ۝٣٨ ع ٤ ١٦

٣٨- ۽ اهي انهيءَ (جهنم) ۾ دانهون ڪندا (۽ چوندا) اي اسانجا رب! اسانکي هن جهنم مان ڪڍ تہ اسان (مومنن وانگر) نيڪ ڪم ڪنداسين، انهن کان مختلف جيڪي اسان پهرين زندگيءَ ۾ ڪندا هئاسين (اسان انهن کي چونداسين) ڇا اسان توهانکي ايتري عمر نہ ڏني هئي جنهن ۾ نصيحت حاصل ڪرڻ جو خواهشمند نصيحت حاصل ڪري وٺندو آهي ۽ توهان وٽ هوشيار ڪرڻ وارا (بہ) تہ آيا هئا (پوءِ توهان انهن جي ڳالهہ چونہ مڃي) پوءِ (هاڻي اهو) عذاب چکو جو ظالمن جو ڪوبہ مددگار نہ هوندو آهي.

اِنَّ اللّٰهَ عٰلِمُ غَيْبِ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۭ اِنَّهٗ عَلِيْمٌۢ

٣٩- الله آسمانن ۽ زمين جي غيب جو ڄاڻڻ

بِذَاتِ الصُّدُوْرِ ﴿٣٨﴾

وارو آهي. اهو دلين جي ڳالهين کي بہ خوب چڱي طرح ڄاڻندڙ آهي.

هُوَ الَّذِیْ جَعَلَكُمْ خَلٰٓىِٕفَ فِی الْاَرْضِ ؕ فَمَنْ كَفَرَ فَعَلَیْهِ كُفْرُهٗ ؕ وَ لَا یَزِیْدُ الْكٰفِرِیْنَ كُفْرُهُمْ عِنْدَ رَبِّهِمْ اِلَّا مَقْتًا ۚ وَ لَا یَزِیْدُ الْكٰفِرِیْنَ كُفْرُهُمْ اِلَّا خَسَارًا ﴿٣٩﴾

٤٠. اهوئي آهي جنهن توهان کي دنيا ۾ (پهرين ماڻهن جو) قائم مقام بڻايو سو جيڪو انڪار ڪندو انهي جي انڪار جي سزا انهي کي ملندي ۽ ڪافرن جو ڪفر انهن کي انهن جي رب جي نظر ۾ صرف ڏمر ۾ ئي وڌائي ٿو ۽ ڪافرن جو ڪفر انهن کي صرف گھاٽي ۾ ئي وڌائي ٿو.

قُلْ اَرَءَیْتُمْ شُرَكَآءَكُمُ الَّذِیْنَ تَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ ؕ اَرُوْنِیْ مَا ذَا خَلَقُوْا مِنَ الْاَرْضِ اَمْ لَهُمْ شِرْكٌ فِی السَّمٰوٰتِ ۚ اَمْ اٰتَیْنٰهُمْ كِتٰبًا فَهُمْ عَلٰی بَیِّنَتٍ مِّنْهُ ۚ بَلْ اِنْ یَّعِدُ الظّٰلِمُوْنَ بَعْضُهُمْ بَعْضًا اِلَّا غُرُوْرًا ﴿٤٠﴾

٤١. تون چئين تہ مون کي ٻڌايو تہ سهي توهان جا (خيالي) شريڪ جن کي توهان الله کانسواءِ پڪاريو ٿا (۽ جيڪڏهن اهي نظر نٿا اچن تہ) مونکي انهن جي اها مخلوق ڏيکاريو جيڪا انهن زمين ۾ پيدا ڪئي آهي، يا ڇا انهن جي آسمانن جي ٺاهڻ ۾ ڪا شراڪت آهي؟ ڇا اسان انهن کي ڪو ڪتاب ڏنو آهي؟ جو اهي انهي جو بيان ڪيل دليل پاڻ وٽ رکندا هجن (ڇو اٿين هرگز ناهي) پر ظالم پاڻ ۾ هڪ ٻئي سان صرف ڌوڪي ڏيڻ وارا واعدا ڪن ٿا.

اِنَّ اللّٰهَ یُمْسِكُ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضَ اَنْ تَزُوْلَا ۚ۬ وَ لَىِٕنْ زَالَتَاۤ اِنْ اَمْسَكَهُمَا مِنْ اَحَدٍ مِّنْۢ بَعْدِهٖ ؕ اِنَّهٗ كَانَ حَلِیْمًا غَفُوْرًا ﴿٤١﴾

٤٢. الله ئي آسمانن ۽ زمين کي انهيءَ ڳالھہ کان روڪي رکيو آهي تہ اهي پنهن جي جڳھہ تان ٽري وڃن ۽ جيڪڏهن اهي ٽري وڃن تہ انهيءَ کانپوءِ ڪوبہ انهن کي (تباھہ ٿيڻ کان) روڪي نہ سگهندو. يقينن هو وڏي سمجھہ ٻوجھہ وارو (۽) تمام معاف ڪرڻ وارو آهي.

وَ اَقْسَمُوْا بِاللّٰهِ جَهْدَ اَیْمَانِهِمْ لَىِٕنْ جَآءَهُمْ نَذِیْرٌ لَّیَكُوْنُنَّ اَهْدٰی مِنْ اِحْدَی الْاُمَمِ ۚ فَلَمَّا جَآءَهُمْ

٤٣. ۽ اهي الله جا پڪا قسم کڻن ٿا تہ جيڪڏهن انهن وٽ ڪوبہ نبي اچي وڃي تہ اهي سڀني امتن مان هر هڪ کان وڌيڪ

نَذِيْرٌ مَّا زَادَهُمْ اِلَّا نُفُوْرَا ۝٤٢

هدايت حاصل ڪرڻ وارا بنجي ويندا پر جڏهن انهن وٽ نبي آيو تہ انهي جو اچڻ انهن کي صرف نفرت ۾ وڌائڻ جو سبب بنيو.

اِسْتِكْبَارًا فِي الْاَرْضِ وَمَكْرَ السَّيِّئِ ۚ وَلَا يَحِيْقُ الْمَكْرُ السَّيِّئُ اِلَّا بِاَهْلِهٖ ۚ فَهَلْ يَنْظُرُوْنَ اِلَّا سُنَّتَ الْاَوَّلِيْنَ ۚ فَلَنْ تَجِدَ لِسُنَّتِ اللّٰهِ تَبْدِيْلًا ۚ وَلَنْ تَجِدَ لِسُنَّتِ اللّٰهِ تَحْوِيْلًا ۝٤٣

٤٤- ڇو جو انهن زمين ۾ وڏو بنجڻ چاهيو ٿي ۽ بريون تدبيرون ڪرڻ چاهيو ٿي ۽ بري تدبير انهيءَ جي ڪرڻ وارن کي ئي تباهہ ڪندي آهي پوءِ ڇا اهي صرف پهرين جي سنت (يعني عذاب) جو تہ انتظار نہ ڪري رهيا آهن (۽ جيڪڏهن تون غور ڪرين) تہ الله جي سنت ۾ ڪڏهن بہ تبديلي نہ پائيندين ۽ نہ تون ڪڏهين الله جي سنت کي ٽرندو ڏسندين.

اَوَلَمْ يَسِيْرُوْا فِي الْاَرْضِ فَيَنْظُرُوْا كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ وَكَانُوْٓا اَشَدَّ مِنْهُمْ قُوَّةً ۚ وَمَا كَانَ اللّٰهُ لِيُعْجِزَهٗ مِنْ شَيْءٍ فِي السَّمٰوٰتِ وَلَا فِي الْاَرْضِ ۚ اِنَّهٗ كَانَ عَلِيْمًا قَدِيْرًا ۝٤٤

٤٥- ڇا اهي زمين ۾ نہ گهميا (جيڪڏهن ائين ڪن ها) تہ ڏسن ها تہ انهن کان پهرين ماڻهن جي ڪهڙي پڄاڙي ٿي؟ حالانڪ اهي انهن کان طاقت ۾ وڌيڪ هئا. ۽ ڪابہ شيءِ الله کي آسمانن ۾ ۽ زمين ۾ پنهن جي ارادي ۾ ناڪام نٿي ڪري سگهي هو يقينن ڏاڍو ڄاڻڻ وارو (۽) وڏي قدرت وارو آهي.

وَلَوْ يُؤَاخِذُ اللّٰهُ النَّاسَ بِمَا كَسَبُوْا مَا تَرَكَ عَلٰى ظَهْرِهَا مِنْ دَآبَّةٍ وَّلٰكِنْ يُّؤَخِّرُهُمْ اِلٰٓى اَجَلٍ مُّسَمًّى ۚ فَاِذَا جَآءَ اَجَلُهُمْ فَاِنَّ اللّٰهَ كَانَ بِعِبَادِهٖ بَصِيْرًا ۝٤٥ ع

٤٦- ۽ جيڪڏهين الله ماڻهن کي انهن جي ڪمن جي سببان پڪڙڻ شروع ڪري ها تہ زمين جي سطح تي ڪنهن جان واري کي باقي نہ ڇڏي ها. پر انهن کي هڪ مدت تائين ڍر ڏئي ٿو پوءِ جڏهن انهن جي مقرر مدت اچي وڃي ٿي تہ (ثابت ٿي وڃي ٿو تہ) الله پنهن جن بانهن کي چڱيءَ طرح ڏسي رهيو هو.

سُوْرَةُ يٰسٓ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ مَعَ الْبَسْمَلَةِ اَرْبَعٌ وَّثَمَانُوْنَ اٰيَةً وَّخَمْسَةُ رُكُوْعَاتٍ

سورت يٰسٓ هيءَ سورت مڪي آهي ۽ بسم الله سميت هن جون چوراسي آيتون ۽ پنج رڪوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ① — ١. (مان) الله جو نالو وٺي جيڪو بيحد ڪرم ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي (پڙهانٿو)

يٰسٓ ② — ٢. اي سيد!

وَالْقُرْاٰنِ الْحَكِيْمِ ③ — ٣. اسان حڪمت واري قرآن کي (تنهن جي سيد هجڻ جي) شاهديءَ ۾ پيش ڪيون ٿا.

اِنَّكَ لَمِنَ الْمُرْسَلِيْنَ ④ — ٤. يقينن تون رسولن مان آهين.

عَلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ ⑤ — ٥. (۽) سڌي رستي تي (آهين).

تَنْزِيْلَ الْعَزِيْزِ الرَّحِيْمِ ⑥ — ٦. (۽ قرآن) غالب (۽) بي انتها رحم ڪرڻ واري (خدا) جي طرفان نازل ڪيو ويو آهي.

لِتُنْذِرَ قَوْمًا مَّآ اُنْذِرَ اٰبَآؤُهُمْ فَهُمْ غٰفِلُوْنَ ⑦ — ٧. انهيءَ غرض سان تہ تون انهيءَ قوم کي هوشيار ڪرين جن جي ابن ڏاڏن کي هوشيار نہ ڪيو ويو هو ۽ اهي غافل پيا هئا.

لَقَدْ حَقَّ الْقَوْلُ عَلٰٓى اَكْثَرِهِمْ فَهُمْ لَا يُؤْمِنُوْنَ ⑧ — ٨. اسان جي دعوي انهن مان گهڻن جي متعلق پوري ٿي وئي. تنهن ڪري اهي ايمان نٿا آڻين.

اِنَّا جَعَلْنَا فِيْٓ اَعْنَاقِهِمْ اَغْلٰلًا فَهِيَ اِلَى الْاَذْقَانِ فَهُمْ مُّقْمَحُوْنَ ⑨ — ٩. اسان انهن جي ڳچين ۾ ڳٽ وجهي ڇڏيا آهن ۽ اهي انهن جي ڪاڏين تائين چڙهي ويا آهن ۽ اهي (تڪليف کان بچڻ لاءِ پنهنجون) ڳچيون اوچيون ڪري رهيا آهن.

وَجَعَلْنَا مِنْۢ بَيْنِ اَيْدِيْهِمْ سَدًّا وَّمِنْ خَلْفِهِمْ سَدًّا فَاَغْشَيْنٰهُمْ فَهُمْ لَا يُبْصِرُوْنَ ⑩ — ١٠. ۽ اسان انهن جي اڳيان بہ هڪ روڪ بنائي ڇڏي آهي ۽ انهن جي پٺيان بہ هڪ روڪ بنائي ڇڏي آهي ۽ انهن کي ڍڪي ڇڏيو آهي پوءِ اهي ڏسي نٿا سگهن.

وَسَوَآءٌ عَلَيْهِمْ ءَاَنْذَرْتَهُمْ اَمْ لَمْ تُنْذِرْهُمْ لَا
يُؤْمِنُوْنَ ⑪

١١- ۽ تنهنجو ڊيچارڻ يا نہ ڊيچارڻ انهن لاءِ
برابر آهي. اهي (جيستائين پنهنجي دلين ۾
تبديلي پيدا نہ ڪندا) ايمان نہ آڻيندا.

اِنَّمَا تُنْذِرُ مَنِ اتَّبَعَ الذِّكْرَ وَخَشِيَ الرَّحْمٰنَ بِالْغَيْبِ ۚ
فَبَشِّرْهُ بِمَغْفِرَةٍ وَّاَجْرٍ كَرِيْمٍ ⑫

١٢- تون تہ صرف انهي شخص کي هوشيار
ڪري سگهين ٿو جيڪو ياد ڏيارڻ کي مڃي
ٿو ۽ رحمان (خدا) کان عليحدگي ۾ بہ ڊڄي
ٿو. پوءِ اهڙي شخص کي تون هڪ عظيم
الشان معافي ۽ هڪ عزت واري بدلي جي
خبر ڏاءِ.

اِنَّا نَحْنُ نُحْيِ الْمَوْتٰى وَنَكْتُبُ مَا قَدَّمُوْا وَاٰثَارَهُمْ ۚ
وَكُلَّ شَيْءٍ اَحْصَيْنٰهُ فِيْٓ اِمَامٍ مُّبِيْنٍ ⑬

١٣- اسان ئي مردن کي زندهہ ڪيون ٿا ۽
جيڪي ڪي اهي آئيندي زندگي جي لاءِ اڳتي
موڪلين ٿا انهي کي بہ محفوظ رکون ٿا ۽
جيڪي عمل انهن دنيا ۾ ڪيا هئا انهن جا
جيڪي نتيجا نڪرندا ان کي بہ اسان
محفوظ رکون ٿا ۽ هر هڪ شيءِ کي اسان
هڪ کليل ڪتاب ۾ ڳڻي رکيو آهي.

وَاضْرِبْ لَهُمْ مَّثَلًا اَصْحٰبَ الْقَرْيَةِ ۘ اِذْ جَآءَهَا
الْمُرْسَلُوْنَ ⑭

١٤- ۽ تون انهن جي اڳيان هڪ ڳوٺ وارن
جي حالت بيان ڪر جڏهن انهن وٽ انهن جا
رسول آيا.

اِذْ اَرْسَلْنَآ اِلَيْهِمُ اثْنَيْنِ فَكَذَّبُوْهُمَا فَعَزَّزْنَا بِثَالِثٍ
فَقَالُوْٓا اِنَّآ اِلَيْكُمْ مُّرْسَلُوْنَ ⑮

١٥- يعني جنهن وقت اسان پهرين تہ انهن
ڏانهن بہ رسول موڪليا پر هنن پنهي جو
انڪار ڪري ڇڏيو. انهي تي اسان پهرين ٻن
رسولن کي، هڪ ٽيون رسول موڪلي طاقت
بخشي. پوءِ انهن سڀني گڏجي پنهنجي قوم
کي چيو تہ اسان توهان ڏانهن هڪ پيغام
کڻي توهان جي رب جي طرفان موڪليا ويا
آهيون.

قَالُوْا مَآ اَنْتُمْ اِلَّا بَشَرٌ مِّثْلُنَا ۙ وَمَآ اَنْزَلَ الرَّحْمٰنُ
مِنْ شَيْءٍ ۙ اِنْ اَنْتُمْ اِلَّا تَكْذِبُوْنَ ⑯

١٦- انهن (جواب ۾) چيو تہ توهان تہ اسان
جهڙا ماڻهو آهيو ۽ رحمان خدا ڪابہ شي
(بطور الهام جي) نہ لاٿي آهي توهان صرف

كَانُوْا بِهٖ يَسْتَهْزِءُوْنَ ۝٣٠

بندن تي جو جڏهين به انهن وٽ رسول اچيٿو اهي انهيءَ کي حقارت جي نظر سان ڏسڻ لڳن ٿا (۽ ٺٺولي ڪرڻ لڳن ٿا).

اَلَمْ يَرَوْا كَمْ اَهْلَكْنَا قَبْلَهُمْ مِّنَ الْقُرُوْنِ اَنَّهُمْ اِلَيْهِمْ لَا يَرْجِعُوْنَ ۝٣١

٣٢. ڇا انهن نه ڏٺو آهي ته انهن کان پهرين ڪيترن ئي شهرن کي اسان تباهه ڪري ڇڪا آهيون (۽ اهو به ته جن کي تباهه ڪيو ويو هو) اهي واپس نٿا موٽن.

وَاِنْ كُلٌّ لَّمَّا جَمِيْعٌ لَّدَيْنَا مُحْضَرُوْنَ ۝٣٢ ع

٣٣. ۽ سڀ ماڻهو ضرور اسانجي حضور ۾ حاضر ڪيا ويندا.

وَاٰيَةٌ لَّهُمُ الْاَرْضُ الْمَيْتَةُ ۚۖ اَحْيَيْنٰهَا وَاَخْرَجْنَا مِنْهَا حَبًّا فَمِنْهُ يَاْكُلُوْنَ ۝٣٣

٣٤. ۽ انهن (ڪافرن) جي لاءِ مرده زمين به هڪ نشان آهي اسان انهي کي زنده ڪيو آهي ۽ انهيءَ مان اناج پيدا ڪيو آهي، سو اهي انهيءَ مان کائين ٿا.

وَجَعَلْنَا فِيْهَا جَنّٰتٍ مِّنْ نَّخِيْلٍ وَّاَعْنَابٍ وَّفَجَّرْنَا فِيْهَا مِنَ الْعُيُوْنِ ۝٣٤

٣٥. ۽ اسان زمين ۾ کجين ۽ انگورن جا باغ به پيدا ڪيا آهن ۽ انهيءَ ۾ چشمان وهايا آهن.

لِيَاْكُلُوْا مِنْ ثَمَرِهٖ ۙ وَمَا عَمِلَتْهُ اَيْدِيْهِمْ ۭ اَفَلَا يَشْكُرُوْنَ ۝٣٥

٣٦. انهيءَ لاءِ ته اهي انهيءَ (يعني باغ) جي ميوي مان (ضرورت مطابق) کائين ۽ انهيءَ (باغ) کي انهن جي هٿن نه بنايو آهي (پر اسان بنايو آهي) ڇا اهي شڪر نٿا ڪن؟.

سُبْحٰنَ الَّذِيْ خَلَقَ الْاَزْوَاجَ كُلَّهَا مِمَّا تُنْۢبِتُ الْاَرْضُ وَمِنْ اَنْفُسِهِمْ وَمِمَّا لَا يَعْلَمُوْنَ ۝٣٦

٣٧. پاڪ آهي اها ذات جنهن هر قسم جا جوڙا پيدا ڪيا آهن انهن مان به جنهن کي زمين پيدا ڪري ٿي ۽ خود انهن جانين مان به ۽ انهن شين مان به جن کي اهي نٿا جاڻين.

وَاٰيَةٌ لَّهُمُ الَّيْلُ ښ نَسْلَخُ مِنْهُ النَّهَارَ فَاِذَا هُمْ مُّظْلِمُوْنَ ۝٣٧

٣٨. ۽ انهن جي لاءِ رات به هڪ وڏو نشان آهي جنهن مان ڇڪي اسان ڏينهن ڪيون ٿا جنهن ڪانپوءِ اوچتو اهي اونداهيءَ ۾ رهجي وڃن ٿا.

وَالشَّمْسُ تَجْرِىْ لِمُسْتَقَرٍّ لَّهَا ؕ ذٰلِكَ تَقْدِيْرُ الْعَزِيْزِ الْعَلِيْمِ ؕ﴿٣٩﴾

٣٩. ۽ سج هڪ مقرر جڳهہ ڏانهن وڃي رهيو آهي، اهو غالب (۽) علم واري (خدا) جو مقرر ڪيل قانون آهي.

وَالْقَمَرَ قَدَّرْنٰهُ مَنَازِلَ حَتّٰى عَادَ كَالْعُرْجُوْنِ الْقَدِيْمِ ﴿٤٠﴾

٤٠. ۽ چنڊ کي (ڏسو تہ) اسان انهي جي لاءِ بہ منزلون مقرر ڪري ڇڏيون آهن ايستائين جو اهو (انهن منزلن تي هلندي هلندي) هڪ پراڻي ٽاريءَ وانگر ٿي وري موٽي اچيٿو.

لَا الشَّمْسُ يَنْۢبَغِىْ لَهَآ اَنْ تُدْرِكَ الْقَمَرَ وَلَا الَّيْلُ سَابِقُ النَّهَارِ ؕ وَكُلٌّ فِىْ فَلَكٍ يَّسْبَحُوْنَ ﴿٤١﴾

٤١. نہ تہ سج کي طاقت آهي جو اهو پنهن جي سال جي دوري ۾ ڪنهن وقت چنڊ جي ويجهو وڃي پهچي (ڇو جو جيڪڏهين ائين ٿئي تہ سڄو نظام شمسي تباهہ ٿي وڃي) ۽ نہ رات کي (يعني چنڊ کي) طاقت آهي جو اهو اڳرائي ڪندي ڏينهن کي (يعني سج کي) پڪڙي پر اهي سڀيئي هڪ مقرر رستي تي نهايت سهوليت سان هلندا رهن ٿا.

وَاٰيَةٌ لَّهُمْ اَنَّا حَمَلْنَا ذُرِّيَّتَهُمْ فِى الْفُلْكِ الْمَشْحُوْنِ ﴿٤٢﴾

٤٢. ۽ انهن جيلاءِ اها بہ نشاني آهي جو اسان انهن جي نسل کي ڀريل ٻيڙين ۾ کنيو ڦرون ٿا.

وَخَلَقْنَا لَهُمْ مِّنْ مِّثْلِهٖ مَا يَرْكَبُوْنَ ﴿٤٣﴾

٤٣. ۽ اسان انهن جي لاءِ اهڙي قسم جون ٻيون (شيون) بہ پيدا ڪنداسين جن کي اهي سواريءَ جي ڪم آڻيندا.

وَاِنْ نَّشَاْ نُغْرِقْهُمْ فَلَا صَرِيْخَ لَهُمْ وَلَا هُمْ يُنْقَذُوْنَ ﴿٤٤﴾

٤٤. ۽ جيڪڏهين اسان چاهيون تہ انهن کي تباهہ ڪري ڇڏيون پوءِ ڪوبہ انهن جو فرياد ٻڌڻ وارو نہ هوندو ۽ نہ اسانجي رحمت کانسواءِ ڪنهن ٻئي ذريعي سان اهي بچايا ويندا.

اِلَّا رَحْمَةً مِّنَّا وَمَتَاعًا اِلٰى حِيْنٍ ﴿٤٥﴾

٤٥. ۽ اهي صرف هڪ مدت تائين دنياوي فائدو حاصل ڪندا

وَاِذَا قِيْلَ لَهُمُ اتَّقُوْا مَا بَيْنَ اَيْدِيْكُمْ وَمَا خَلْفَكُمْ

٤٦. ۽ جڏهين انهن کي چيو وڃي تہ جيڪي ڪي توهانجي اڳيان اچڻ وارو آهي (انهيءَ

لَعَلَّكُمْ تُرْحَمُوْنَ ۝٤٥

کان بچو) ۽ جيڪي عمل توهان پويان ڇڏي آيا آهيو انهن جي جزا کان بہ بچڻ جي ڪوشش ڪيو انهيءَ لاءِ تہ توهانتي رحم ڪيو وڃي (تہ اهي نصيحت حاصل ڪرڻ جي بجاءِ انهيءَ جي بي حرمتي ڪن ٿا ۽ فائدو نٿا وٺن).

وَمَا تَأْتِيْهِمْ مِّنْ اٰيَةٍ مِّنْ اٰيٰتِ رَبِّهِمْ اِلَّا كَانُوْا عَنْهَا مُعْرِضِيْنَ ۝٤٦

۴۷. ۽ انهن جي رب جي نشانن مان جيڪو بہ اهم نشان ظاهر ٿئي ٿو اهي انهيءَ کان بہ منهن موڙي ڇڏين ٿا.

وَاِذَا قِيْلَ لَهُمْ اَنْفِقُوْا مِمَّا رَزَقَكُمُ اللّٰهُ ۙ قَالَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لِلَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اَنُطْعِمُ مَنْ لَّوْ يَشَآءُ اللّٰهُ اَطْعَمَهٗٓ ۖ اِنْ اَنْتُمْ اِلَّا فِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ ۝٤٧

۴۸. ۽ جڏهن انهن کي چيو وڃي ٿو تہ جيڪي ڪي توهانکي خدا ڏنو آهي انهيءَ مان خرچ ڪيو تہ ڪافر مومنن کي چون ٿا تہ ڇا اسان انهن کي کارايون جن کي جيڪڏهين الله چاهي ها تہ پاڻ بہ کارائي سگهيو ٿي توهان (تہ خدا جي مرضيءَ جي خلاف تعليم ڏيئي) ظاهر ظهور گمراهيءَ ۾ مبتلا آهيو.

وَيَقُوْلُوْنَ مَتٰى هٰذَا الْوَعْدُ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ۝٤٨

۴۹. ۽ اهي چون ٿا تہ جيڪڏهين توهان سچا آهيو تہ اسانکي ٻڌايو تہ اهو (عذاب جو) واعدو ڪڏهين پورو ٿيندو.

مَا يَنْظُرُوْنَ اِلَّا صَيْحَةً وَّاحِدَةً تَاْخُذُهُمْ وَهُمْ يَخِصِّمُوْنَ ۝٤٩

۵۰. اهي صرف هڪ اوچتي عذاب جو انتظار ڪري رهيا آهن جيڪو انهن کي اچي پڪڙيندو ۽ اهي بحثن ۾ ئي لڳل هوندا.

فَلَا يَسْتَطِيْعُوْنَ تَوْصِيَةً وَّلَآ اِلٰٓى اَهْلِهِمْ يَرْجِعُوْنَ ۝٥٠ ع

۵۱. انهي وقت نہ تہ اهي هڪ ٻئي کي ڪا نصيحت ڪري سگهندا ۽ نہ پنهنجي اهل و عيال جي طرف واپس وڃي ڪري (انهن کي سمجهائي) سگهندا.

وَنُفِخَ فِي الصُّوْرِ فَاِذَا هُمْ مِّنَ الْاَجْدَاثِ اِلٰى رَبِّهِمْ يَنْسِلُوْنَ ۝٥١

۵۲. ۽ بگل وڄايو ويندو ۽ اهي اوچتو قبرن مان نڪري پنهن جي رب جي طرف ڀڄندا ايندا.

ذِكْرٌ وَّقُرْاٰنٌ مُّبِيْنٌ ۙ﴿٦٩﴾

الله صلي الله عليه وسلم کي) شعر ڇوڻ نه سيکاريو آهي ۽ نه اهو ڪم انهيءَ جي شان جي مطابق هو. هيءَ قرآن ته صرف هڪ نصيحت آهي ۽ وري پڙهڻ جهڙو ڪتاب آهي جيڪو (دليل گڏوگڏ) بيان ڪري ٿو.

لِّيُنْذِرَ مَنْ كَانَ حَيًّا وَّيَحِقَّ الْقَوْلُ عَلَى الْكٰفِرِيْنَ ﴿٧٠﴾

٧١ انهيءَ لاءِ ته جيڪو زندهه (دل) آهي انهيءَ کي هوشيار ڪري ۽ ڪافرن جي متعلق خدا جو فيصلو پورو ٿي وڃي.

اَوَلَمْ يَرَوْا اَنَّا خَلَقْنَا لَهُمْ مِّمَّا عَمِلَتْ اَيْدِيْنَآ اَنْعَامًا فَهُمْ لَهَا مٰلِكُوْنَ ﴿٧١﴾

٧٢ ڇا اهي نٿا ڏسن ته اسان انهن جي لاءِ پنهن جي خاص قدرت سان چوپايا بنايا آهن ۽ اهي انهن جا مالڪ آهن.

وَذَلَّلْنٰهَا لَهُمْ فَمِنْهَا رَكُوْبُهُمْ وَمِنْهَا يَاْكُلُوْنَ ﴿٧٢﴾

٧٣ ۽ اسان انهن چوپاين کي انهن جي تابع ڪري ڇڏيو آهي پوءِ انهن مان ڪن تي ته اهي سواري ڪن ٿا ۽ ڪن کي اهي کائين ٿا.

وَلَهُمْ فِيْهَا مَنَافِعُ وَمَشَارِبُ ۭ اَفَلَا يَشْكُرُوْنَ ﴿٧٣﴾

٧٤ ۽ انهن مان ڪيترن ئي قسمن جو فائدو وٺن ٿا ۽ پيڻ جو پاڻي به مهيا ڪن ٿا ڇا اهي شڪر نٿا ڪن؟

وَاتَّخَذُوْا مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ اٰلِهَةً لَّعَلَّهُمْ يُنْصَرُوْنَ ﴿٧٤﴾

٧٥ ۽ انهن ماڻهن الله کانسواءِ ڪجهه ٻيا معبود بنائي ڇڏيا آهن ته شايد ڪنهن وقت انهن جي مدد ڪئي وڃي.

لَا يَسْتَطِيْعُوْنَ نَصْرَهُمْ ۙ وَهُمْ لَهُمْ جُنْدٌ مُّحْضَرُوْنَ ﴿٧٥﴾

٧٦ اهي (معبود) انهن جي ڪا مدد نٿا ڪري سگهن ۽ اهي (معبود انهن جي مدد ته ڪهڙي ڪندا) انهن جي خلاف سيئي هڪ لشڪر جي شڪل ۾ گڏ ٿي شاهدي ڏيندا.

فَلَا يَحْزُنْكَ قَوْلُهُمْ ۘ اِنَّا نَعْلَمُ مَا يُسِرُّوْنَ وَمَا يُعْلِنُوْنَ ﴿٧٦﴾

٧٧ پوءِ توکي انهن جون ڳالهيون غمگين نه ڪن اسان انهيءَ کي به ڄاڻون ٿا جيڪي اهي لڪائين ٿا ۽ انهيءَ کي به جيڪي اهي ظاهر ڪن ٿا.

اَوَلَمْ يَرَ الْاِنْسَانُ اَنَّا خَلَقْنٰهُ مِنْ نُّطْفَةٍ فَاِذَا هُوَ

٧٨ ڇا انسان کي معلوم ڪونهي ته اسان انهيءَ کي هڪ (حقير) قطري مان پيدا ڪيو

خَصِيْمٌ مُّبِيْنٌ ۝۷۷

آهي پوءِ (جڏهين) اهو (پيدا ٿئي ٿو تہ) اوچتو سخت جهيڙا ڪار بنجي ويٺو.

وَضَرَبَ لَنَا مَثَلًا وَّنَسِيَ خَلْقَهٗ ۭ قَالَ مَنْ يُّحْيِ الْعِظَامَ وَهِيَ رَمِيْمٌ ۝۷۸

۷۹. ۽ اسان جي هستيءَ متعلق ڳالهيون بنائڻ شروع ٿو ڪري ۽ پنهن جي پيدائش کي وساري ٿو ڇڏي ۽ چوڻ لڳي ٿو تہ جڏهين هڏا ڳري سڙي ويندا تہ انهن کي ڀلا ڪير زندهہ ڪندو.

قُلْ يُحْيِيْهَا الَّذِيْٓ اَنْشَاَهَآ اَوَّلَ مَرَّةٍ ۭ وَهُوَ بِكُلِّ خَلْقٍ عَلِيْمُۨ ۝۷۹

۸۰. تون چؤ تہ اهڙين هڏن کي اهوئي زندهہ ڪندو جنهن انهن کي پهرئين ڀيري پيدا ڪيو هو ۽ اهو هر مخلوق جي حالت کان چڱيءَ طرح واقف آهي.

الَّذِيْ جَعَلَ لَكُمْ مِّنَ الشَّجَرِ الْاَخْضَرِ نَارًا فَاِذَآ اَنْتُمْ مِّنْهُ تُوْقِدُوْنَ ۝۸۰

۸۱. اهو (خدا) جنهن توهان لاءِ ساوَن وڻن مان باهہ پيدا ڪئي آهي پوءِ توهان انهيءَ جي ذريعي باهہ ٻاريو ٿا.

اَوَلَيْسَ الَّذِيْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ بِقٰدِرٍ عَلٰٓي اَنْ يَّخْلُقَ مِثْلَهُمْ ڲ بَلٰى ۤ وَهُوَ الْخَلّٰقُ الْعَلِيْمُ ۝۸۱

۸۲. ڇا اهو جنهن آسمانن ۽ زمين کي پيدا ڪيو آهي انهيءَ ڳالهہ تي قادر ڪونهي جو انهن جهڙي ٻي مخلوق پيدا ڪري - اهڙو خيال (تہ اهو پيدا نٿو ڪري سگهي) درست ڪونهي پر اهو ڏاڍو پيدا ڪرڻ وارو (۽) ڏاڍو ڄاڻڻ وارو آهي.

اِنَّمَآ اَمْرُهٗٓ اِذَآ اَرَادَ شَيْـــًٔا اَنْ يَّقُوْلَ لَهٗ كُنْ فَيَكُوْنُ ۝۸۲

۸۳. انهيءَ جو معاملو تہ هيئن آهي جو جڏهين بہ هو اهو ارادو ڪري ٿو تہ فلاڻي شيءِ ٿي وڃي،اهو انهيءَ جي باري ۾ چئي ڇڏيندو تہ هن طرح ٿي وڃي،تہ اها انهيءَ طرح ٿي وڃي ٿي.

فَسُبْحٰنَ الَّذِيْ بِيَدِهٖ مَلَكُوْتُ كُلِّ شَيْءٍ وَّاِلَيْهِ تُرْجَعُوْنَ ۝۸۳

۸۴. پوءِ پاڪ آهي اهو جنهن جي طاقت جي قبضي ۾ هر ڪنهن شيءِ جي بادشاهت آهي ۽ جنهن ڏانهن توهان سڀني کي موٽائي نيو ويندو.

سُوْرَةُ الصّٰفّٰتِ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ مَعَ الْبَسْمَلَةِ مِائَةٌ وَّثَلٰثٌ وَّثَمَانُوْنَ اٰيَةً وَّخَمْسَةُ رُكُوْعَاتٍ

سورت صافات ـ هي سورت مكي آهي ۽ بسم الله سميت هن جون هڪ سئو ٽياسي آيتون ۽ پنج رڪوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ①

١ـ (مان) الله جو نالو وٺي جيڪو بيحد ڪرم ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي (پڙهانٿو)

وَالصّٰفّٰتِ صَفًّا ②

٢ـ (مان) شاهديءَ طور پيش ڪيانٿو انهن نفسن کي جيڪي (سچائيءَ جي دشمنن جي سامهون) صفون ٻڌيو بيٺا آهن.

فَالزّٰجِرٰتِ زَجْرًا ③

٣ـ ۽ جيڪي برئي ڪم ڪرڻ وارن کي جھڙين ٿا.

فَالتّٰلِيٰتِ ذِكْرًا ④

٤ـ ۽ ذڪر الاهي (يعني قرآن) کي پڙهي ٻڌائين ٿا.

اِنَّ اِلٰهَكُمْ لَوَاحِدٌ ⑤

٥ـ يقيناً توهانجو معبود اڪيلو معبود آهي.

رَبُّ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَمَا بَيْنَهُمَا وَرَبُّ الْمَشَارِقِ ⑥

٦ـ آسمانن جو بہ رب آهي ۽ زمين جو بہ ۽ جيڪي ڪجهہ انهن ٻنهي جي وچ آهي انهن جو بہ ۽ سڀني روشنيءَ جي اڀرڻ وارين جڳهن جو بہ.

اِنَّا زَيَّنَّا السَّمَآءَ الدُّنْيَا بِزِيْنَةِ ِالْكَوَاكِبِ ⑦

٧ـ اسان دنيا جي آسمان کي تارن سان زينت ڏني آهي.

وَحِفْظًا مِّنْ كُلِّ شَيْطٰنٍ مَّارِدٍ ⑧

٨ـ ۽ اسان انهيءَ کي هر ڪنهن سرڪش شيطان کان محفوظ ڪيو آهي.

لَا يَسَّمَّعُوْنَ اِلَى الْمَلَاِ الْاَعْلٰى وَيُقْذَفُوْنَ مِنْ كُلِّ جَانِبٍ ⑨

٩ـ اهي (سرڪش شيطان) مٿين زبردست هستين جي ڳالهہ نٿا ٻڌن ۽ هر ڪنهن طرف کان انهن کي (ڪوڙا هٿي هٿي) پري ڪيو وڃيٿو.

دُحُوْرًا وَّلَهُمْ عَذَابٌ وَّاصِبٌ ⑩

١٠ـ ۽ انهن جي لاءِ هڪ مستقل عذاب آهي.

إِلَّا مَنْ خَطِفَ الْخَطْفَةَ فَأَتْبَعَهُ شِهَابٌ ثَاقِبٌ ﴿١١﴾

۱۱. پر انهن مان جيڪو فرد ڪا ڳالهہ شرارت مان چورائي وڃي تہ انهيءَ جي پويان ڪرندڙ تارو اچي ٿو.

فَاسْتَفْتِهِمْ أَهُمْ أَشَدُّ خَلْقًا أَمْ مَنْ خَلَقْنَا ۚ إِنَّا خَلَقْنَاهُمْ مِنْ طِينٍ لَازِبٍ ﴿١٢﴾

۱۲. پوءِ تون انهن کان پڇ تہ ڇا پيدائش جي لحاظ کان انهن کي پيدا ڪرڻ وڌيڪ مشڪل آهي يا (انهن ڪانسواءِ دنيا جو نظام) جيڪو اسان بنايو آهي؟ اسان انهن کي هڪ لڳلڳدار مٽيءَ مان بنايو آهي.

بَلْ عَجِبْتَ وَيَسْخَرُونَ ﴿١٣﴾

۱۳. بلڪ حقيقت اها آهي جو تون (انهن جي ڳالهين تي) تعجب ڪرين ٿو ۽ اهي (تنهن جن ڳالهين کي) حقير سمجهن ٿا.

وَإِذَا ذُكِّرُوا لَا يَذْكُرُونَ ﴿١٤﴾

۱۴. ۽ جڏهين انهن کي نصيحت ڪجي ٿي تہ نصيحت حاصل نٿا ڪن.

وَإِذَا رَأَوْا آيَةً يَسْتَسْخِرُونَ ﴿١٥﴾

۱۵. ۽ جڏهين ڪو نشان ڏسن ٿا تہ انهيءَ تي ٺٺول ڪن ٿا.

وَقَالُوا إِنْ هَٰذَا إِلَّا سِحْرٌ مُبِينٌ ﴿١٦﴾

۱۶. ۽ چونٿا تہ هيءَ ظاهر ظهور مڪر آهي.

أَإِذَا مِتْنَا وَكُنَّا تُرَابًا وَعِظَامًا أَإِنَّا لَمَبْعُوثُونَ ﴿١٧﴾

۱۷. ڇا جڏهين اسان مري وينداسين ۽ مٽي ٿي وينداسين ۽ هڏا ٿي وينداسين (تہ) اسانکي ٻيهر اٿاري ٻيهاريو ويندو؟

أَوَآبَاؤُنَا الْأَوَّلُونَ ﴿١٨﴾

۱۸. ۽ (اهڙي طرح) اسانجن پهرين ابن ڏاڏن کي بہ؟

قُلْ نَعَمْ وَأَنْتُمْ دَاخِرُونَ ﴿١٩﴾

۱۹. تون چئو هائو! (هائو!) بلڪ توهان ذليل ٿي ويندا.

فَإِنَّمَا هِيَ زَجْرَةٌ وَاحِدَةٌ فَإِذَا هُمْ يَنْظُرُونَ ﴿٢٠﴾

۲۰. اها گهڙي تہ صرف هڪ ڇينپ (جو مثال) آهي جو (جيئن ئي اها ڇينپ پوندي) اهي (زندهہ ٿي) ڏسڻ لڳندا.

وَقَالُوا يَا وَيْلَنَا هَٰذَا يَوْمُ الدِّينِ ﴿٢١﴾

۲۱. (۽ چوندا) هاءِ افسوس اسانتي! اهو ئي تہ جزا سزا جو ڏينهن آهي.

هَٰذَا يَوْمُ الْفَصْلِ الَّذِي كُنْتُمْ بِهِ تُكَذِّبُونَ ﴿٢٢﴾ ع

۲۲. (۽ خدا جي طرفان آواز ايندو) هيءَ اهو

فيصلي جو ڏينهن آهي جنهن جو توهان انڪار
ڪندا هئا.

اُحْشُرُوا الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا وَاَزْوَاجَهُمْ وَمَا كَانُوْا يَعْبُدُوْنَ ﴿٢٢﴾

٢٣- (اسان فرشتن کي چونداسين تہ) جن ظلم
ڪيو هو انهن کي بہ ۽ انهن جي سائين کي
بہ ۽ الله کانسواءِ جن جي عبادت ڪندا هئا
انهن کي بہ زندهہ ڪري آڻي بيهاريو.

مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ فَاهْدُوْهُمْ اِلٰى صِرَاطِ الْجَحِيْمِ ﴿٢٣﴾

٢٤- پوءِ انهن سڀني کي جهنم جي رستي
ڏانهن وٺي وڃو.

وَقِفُوْهُمْ اِنَّهُمْ مَّسْـُٔوْلُوْنَ ﴿٢٤﴾

٢٥- پوءِ (اوستائين وٺي وڃي) انهن کي
بيهاري ڇڏيو. ڇو جو اتي انهن کان ڪي
سوال ڪيا ويندا.

مَا لَكُمْ لَا تَنَاصَرُوْنَ ﴿٢٥﴾

٢٦- (۽ انهن کان پڇيو ويندو) توهانکي ڇا
ٿي ويو آهي جو توهان هڪ ٻئي جي مدد نٿا
ڪيو؟

بَلْ هُمُ الْيَوْمَ مُسْتَسْلِمُوْنَ ﴿٢٦﴾

٢٧- حقيقت اها آهي جو (مدد ڪرڻ تہ
ٺهيو) اهي انهيءَ ڏينهن بلڪل هٿيار ڦٽا
ڪندا.

وَاَقْبَلَ بَعْضُهُمْ عَلٰى بَعْضٍ يَّتَسَآءَلُوْنَ ﴿٢٧﴾

٢٨- ۽ انهن مان هڪ فريق ٻئي سان بحث
ڪندو.

قَالُوْٓا اِنَّكُمْ كُنْتُمْ تَاْتُوْنَنَا عَنِ الْيَمِيْنِ ﴿٢٨﴾

٢٩- (۽) انهيءَ کي مخاطب ڪري چوندو تہ
توهان هميشه اسانجي ساڄي پاسي کان ايندا
هئا.

قَالُوْا بَلْ لَّمْ تَكُوْنُوْا مُؤْمِنِيْنَ ﴿٢٩﴾

٣٠- (انهن جا خيالي معبود جواب ۾) چوندا
ائين نہ آهي حقيقت هيءَ آهي تہ توهان ۾
خود ايمان (جو مادو) نہ هو.

وَمَا كَانَ لَنَا عَلَيْكُمْ مِّنْ سُلْطٰنٍ بَلْ كُنْتُمْ قَوْمًا طٰغِيْنَ ﴿٣٠﴾

٣١- ۽ اسانکي توهانتي ڪوبہ غلبو نہ هو.
پر توهان هڪ سرڪش قوم هئا.

فَحَقَّ عَلَيْنَا قَوْلُ رَبِّنَآ اِنَّا لَذَآىِٕقُوْنَ ﴿٣١﴾

٣٢- پوءِ اڄ اسان سڀني جي متعلق اسانجي
رب جي ڳالهہ پوري ٿي ويئي تہ اسان
(عذاب) چکڻ وارا آهيون.

فَاَغْوَيْنٰكُمْ اِنَّا كُنَّا غٰوِيْنَ ﴿٣٣﴾

٣٣. ۽ (اهو درست آهي تہ) اسان توهانکي گمراهہ ڪيو هو ڇو جو اسين خود بہ گمراهہ هناسين.

فَاِنَّهُمْ يَوْمَئِذٍ فِي الْعَذَابِ مُشْتَرِكُوْنَ ﴿٣٤﴾

٣٤. پوءِ (انهيءَ جو نتيجو اهو ٿيندو جو) انهيءَ ڏينهن اهي سڀ عذاب ۾ شريڪ هوندا.

اِنَّا كَذٰلِكَ نَفْعَلُ بِالْمُجْرِمِيْنَ ﴿٣٥﴾

٣٥. اسان مجرمن سان ائين ئي ڪندا آهيون.

اِنَّهُمْ كَانُوْٓا اِذَا قِيْلَ لَهُمْ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ يَسْتَكْبِرُوْنَ ﴿٣٦﴾

٣٦. جڏهين بہ انهن کي ائين چيو ويندو هو تہ الله کانسواءِ ڪوبہ معبود ڪونهي تہ اهي تڪبر ڪندا هئا.

وَيَقُوْلُوْنَ اَئِنَّا لَتَارِكُوْٓا اٰلِهَتِنَا لِشَاعِرٍ مَّجْنُوْنٍ ﴿٣٧﴾

٣٧. ۽ چوندا هئا ڇا اسان پنهن جي معبودن کي هڪ شاعر ۽ چرئي جي چوڻ تي ڇڏي ڏينداسين.

بَلْ جَآءَ بِالْحَقِّ وَصَدَّقَ الْمُرْسَلِيْنَ ﴿٣٨﴾

٣٨. حقيقت اها آهي تہ هو (يعني محمد رسول الله صلي الله عليه وسلم) ڪامل سچائي کڻي آيو آهي ۽ سڀني کان پهرين رسولن کي سچو ٺهرائي ٿو.

اِنَّكُمْ لَذَآئِقُوا الْعَذَابِ الْاَلِيْمِ ﴿٣٩﴾

٣٩. (اي منڪرو!) توهان يقيناً دردناڪ عذاب چکڻ وارو آهيو.

وَمَا تُجْزَوْنَ اِلَّا مَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿٤٠﴾

٤٠. ۽ جيڪي ڪي توهان ڪندا هئا انهيءَ جي مطابق سزا پوڳيندو.

اِلَّا عِبَادَ اللّٰهِ الْمُخْلَصِيْنَ ﴿٤١﴾

٤١. پر جيڪي الله جا چونديل ٻانها آهن (انهن کي دردناڪ عذاب نہ ملندو).

اُولٰٓئِكَ لَهُمْ رِزْقٌ مَّعْلُوْمٌ ﴿٤٢﴾

٤٢. (پر) انهن کي معلوم رزق ملندو.

فَوَاكِهُ وَهُمْ مُّكْرَمُوْنَ ﴿٤٣﴾

فِيْ جَنّٰتِ النَّعِيْمِ ﴿٤٤﴾

٤٣. ٤٤. (يعني) ميون جي قسمن مان ۽ انهن جي نعمت وارن باغن ۾ عزت ڪئي ويندي.

عَلٰى سُرُرٍ مُّتَقٰبِلِيْنَ ﴿٤٥﴾

٤٥. اهي پلنگن تي آمهون سامهون وهندا.

يُطَافُ عَلَيْهِمْ بِكَاْسٍ مِّنْ مَّعِيْنٍ ﴿٤٦﴾

٤٦. (چشمن جي) پاڻين مان پريل گلاس انهن وٽ آندا ويندا.

ٿئي ها تہ مان بہ اڄ دوزخ جي سامهون حاضر ٿيڻ وارن منجهان هجان ها.

اَفَمَا نَحْنُ بِمَيِّتِيْنَ ﴿۵۹﴾ اِلَّا مَوْتَتَنَا الْاُوْلٰى وَمَا نَحْنُ بِمُعَذَّبِيْنَ ﴿۶۰﴾

٥٩-٦٠- (اي جهنمي!) هاڻي تون ٻڌاءِ ! ڇا سواءِ پهرين موت جي اسانجي لاءِ ٻيو موت ڪونهي؟ ۽ اسانکي ڪوبہ عذاب نہ ڏنو ويندو؟

اِنَّ هٰذَا لَهُوَ الْفَوْزُ الْعَظِيْمُ ﴿۶۱﴾

٦١- اها (مومن جي حالت) بيشڪ وڏي ڪاميابي آهي.

لِمِثْلِ هٰذَا فَلْيَعْمَلِ الْعٰمِلُوْنَ ﴿۶۲﴾

٦٢- ۽ عمل ڪرڻ وارن کي انهيءَ مقام کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ گهرجي.

اَذٰلِكَ خَيْرٌ نُّزُلًا اَمْ شَجَرَةُ الزَّقُّوْمِ ﴿۶۳﴾

٦٣- ڇا اها مهمان نوازي بهتر آهي يا ٿوهر جو وڻ؟

اِنَّا جَعَلْنٰهَا فِتْنَةً لِّلظّٰلِمِيْنَ ﴿۶۴﴾

٦٤- اسان انهيءَ کي ظالمن جي لاءِ هڪ آزمائش جو ذريعو بنايو آهي.

اِنَّهَا شَجَرَةٌ تَخْرُجُ فِيْٓ اَصْلِ الْجَحِيْمِ ﴿۶۵﴾

٦٥- اهو هڪ اهڙو وڻ آهي جيڪو دوزخ جي تري ۾ ڄمندو آهي.

طَلْعُهَا كَاَنَّهٗ رُءُوْسُ الشَّيٰطِيْنِ ﴿۶۶﴾

٦٦- انهيءَ جو ميوو اهڙو ٿيندو آهي جهڙو نانگن جون ڦڻيون.

فَاِنَّهُمْ لَاٰكِلُوْنَ مِنْهَا فَمَالِـُٔوْنَ مِنْهَا الْبُطُوْنَ ﴿۶۷﴾

٦٧- سو اهي انهيءَ وڻ مان کائيندا ۽ انهيءَ سان پنهنجا پيٽ ڀريندا.

ثُمَّ اِنَّ لَهُمْ عَلَيْهَا لَشَوْبًا مِّنْ حَمِيْمٍ ﴿۶۸﴾

٦٨- ۽ انهيءَ کانسواءِ انهن جي (پيئڻ جي) پاڻيءَ ۾ تيز ٽهڪندڙ پاڻي وڌو ويندو.

ثُمَّ اِنَّ مَرْجِعَهُمْ لَاِلَى الْجَحِيْمِ ﴿۶۹﴾

٦٩- پوءِ انهن سڀني کي موٽائي جهنم ڏانهن نيو ويندو.

اِنَّهُمْ اَلْفَوْا اٰبَآءَهُمْ ضَآلِّيْنَ ﴿۷۰﴾

٧٠- انهن پنهنجن ابن ڏاڏن کي گمراهہ ڏٺو.

فَهُمْ عَلٰٓى اٰثٰرِهِمْ يُهْرَعُوْنَ ﴿۷۱﴾

٧١- ۽ اهي بہ انهن جي نقش قدم تي ڊوڙي پيا.

وَلَقَدْ ضَلَّ قَبْلَهُمْ اَكْثَرُ الْاَوَّلِيْنَ ﴿۷۲﴾

٧٢- ۽ انهن کان پهرين ڪيترين ئي پهرين

قومون بہ گمراهہ ٿي چڪيون آهن.

وَلَقَدْ اَرْسَلْنَا فِيْهِمْ مُّنْذِرِيْنَ ﴿۷۲﴾

۷۳ ۽ اسان انهن ۾ رسول موڪلي چڪا آهيون.

فَانْظُرْ كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الْمُنْذَرِيْنَ ﴿۷۳﴾

۷۴ پوءِ ڏسو جن کي ڊيڄاريو ويو هو انهن جو ڪهڙو انجام ٿيو؟

اِلَّا عِبَادَ اللّٰهِ الْمُخْلَصِيْنَ ﴿۷۴﴾

۷۵ سواءِ الله جي مخلص ٻانهن جي.

ع ۲

وَلَقَدْ نَادٰىنَا نُوْحٌ فَلَنِعْمَ الْمُجِيْبُوْنَ ﴿۷۵﴾

۷۶ ۽ اسانکي (رسولن مان) نوح بہ پڪاريو هو ۽ اسان ڏاڍو سٺو جواب ڏيڻ وارا آهيون.

وَنَجَّيْنٰهُ وَاَهْلَهٗ مِنَ الْكَرْبِ الْعَظِيْمِ ﴿۷۶﴾

۷۷ ۽ اسان انهيءَ کي بہ ۽ انهيءَ جي ڪٽنب کي بہ ڏاڍي گهٻراهٽ کان نجات ڏني هئي.

وَجَعَلْنَا ذُرِّيَّتَهٗ هُمُ الْبٰقِيْنَ ﴿۷۷﴾

۷۸ ۽ صرف انهيءَ جي اولاد کي ئي دنيا ۾ باقي رکيو هيوسين.

وَتَرَكْنَا عَلَيْهِ فِي الْاٰخِرِيْنَ ﴿۷۸﴾

۷۹ ۽ انهيءَ کان پوءِ اچڻ وارين قومن ۾ انهيءَ جي نيڪيءَ جو ذڪر قائم رکيو هوسين.

سَلٰمٌ عَلٰى نُوْحٍ فِي الْعٰلَمِيْنَ ﴿۷۹﴾

۸۰ سيني قومن جي طرفان نوح تي سلامتيءَ جي دعا ٿي رهي آهي.

اِنَّا كَذٰلِكَ نَجْزِي الْمُحْسِنِيْنَ ﴿۸۰﴾

۸۱ اسان محسنن کي اهڙيءَ طرح جزا ڏيندا آهيون.

اِنَّهٗ مِنْ عِبَادِنَا الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿۸۱﴾

۸۲ اهو اسانجن مومن ٻانهن مان هو.

ثُمَّ اَغْرَقْنَا الْاٰخَرِيْنَ ﴿۸۲﴾

۸۳ ۽ ٻين ماڻهن کي اسان غرق ڪري ڇڏيو هو.

وقف لازم

وَاِنَّ مِنْ شِيْعَتِهٖ لَاِبْرٰهِيْمَ ﴿۸۳﴾

۸۴ ۽ انهيءَ جي جماعت مان ابراهيم بہ هو.

اِذْ جَآءَ رَبَّهٗ بِقَلْبٍ سَلِيْمٍ ﴿۸۴﴾

۸۵ اهو پنهن جي رب جي حضور مان هڪ اهڙي دل وٺي آيو هو جيڪا (هر قسم جي ڪفر ۽ شرڪ کان) پاڪ هئي.

| | |
|---|---|
| إِذْ قَالَ لِأَبِيهِ وَقَوْمِهِ مَاذَا تَعْبُدُونَ ﴿٨٥﴾ | ٨٦. ۽ انهيءَ وقت انهيءَ پنهنجي پيءُ کان بہ ۽ پنهنجي قوم کان بہ پڇيو هو تہ توهان ڪهڙيءَ شيءِ جي عبادت ڪيو ٿا. |
| أَئِفْكًا آلِهَةً دُونَ اللَّهِ تُرِيدُونَ ﴿٨٦﴾ | ٨٧. ڇا ڪوڙ جي؟ يعني الله ڪانسواءِ ٻين معبودن کي چاهيو ٿا. |
| فَمَا ظَنُّكُمْ بِرَبِّ الْعَالَمِينَ ﴿٨٧﴾ | ٨٨. پوءِ ٻڌايو، توهانجو رب العالمين بنسبت ڪهڙو خيال آهي؟ |
| فَنَظَرَ نَظْرَةً فِي النُّجُومِ ﴿٨٨﴾ | ٨٩. پوءِ انهيءَ تارن ڏانهن ڏٺو. |
| فَقَالَ إِنِّي سَقِيمٌ ﴿٨٩﴾ | ٩٠. ۽ چيائين تہ مان بيمار ٿيڻ وارو آهيان. |
| فَتَوَلَّوْا عَنْهُ مُدْبِرِينَ ﴿٩٠﴾ | ٩١. پوءِ اهي ماڻهو انهيءَ کي ڇڏي هليا ويا. |
| فَرَاغَ إِلَىٰ آلِهَتِهِمْ فَقَالَ أَلَا تَأْكُلُونَ ﴿٩١﴾ | ٩٢. ۽ اهو بہ انهيءَ جي معبودن ڏانهن ماٺ ڪري هليو ويو ۽ انهن کي ڏسي چيائين ڇا توهان ڪجهہ کائو نٿا؟ |
| مَا لَكُمْ لَا تَنْطِقُونَ ﴿٩٢﴾ | ٩٣. توهانکي ڇا ٿيو آهي جو ڳالهايو بہ نٿا؟ |
| فَرَاغَ عَلَيْهِمْ ضَرْبًا بِالْيَمِينِ ﴿٩٣﴾ | ٩٤. پوءِ خاموشيءَ سان پنهن جي ساڄي هٿ سان مٿن زور سان ڌڪ هنيا. |
| فَأَقْبَلُوا إِلَيْهِ يَزِفُّونَ ﴿٩٤﴾ | ٩٥. جڏهين ماڻهن کي خبر پيئي تہ اهي انهيءَ ڏانهن ڊوڙندا آيا. |
| قَالَ أَتَعْبُدُونَ مَا تَنْحِتُونَ ﴿٩٥﴾ | ٩٦. (ابراهيم انهن کي) چيو، ڇا توهان پنهن جن هٿن سان گهڙيل (بتن) جو پوڄا ڪيو ٿا. |
| وَاللَّهُ خَلَقَكُمْ وَمَا تَعْمَلُونَ ﴿٩٦﴾ | ٩٧. حالانڪ الله ئي توهانکي پيدا ڪيو آهي ۽ توهانجي عمل کي بہ. |
| قَالُوا ابْنُوا لَهُ بُنْيَانًا فَأَلْقُوهُ فِي الْجَحِيمِ ﴿٩٧﴾ | ٩٨. انهن سڀني (ماڻهن) چيو تہ هن جي جوڏاري هڪ ڀت ٺاهيو (۽ انهيءَ ۾ باهہ ٻاريو) پوءِ هن کي انهيءَ ٻرندڙ باهہ ۾ وجهو. |

| | |
|---|---|
| فَاَرَادُوْا بِهٖ كَيْدًا فَجَعَلْنٰهُمُ الْاَسْفَلِيْنَ ﴿٩٩﴾ | ٩٩. ۽ انهن انهيءَ سان هڪ چالاڪي ڪرڻ چاهي پر اسان انهن کي نهايت خوار ڪري ڇڏيو. |
| وَقَالَ اِنِّيْ ذَاهِبٌ اِلٰى رَبِّيْ سَيَهْدِيْنِ ﴿١٠٠﴾ | ١٠٠. ۽ ابراهيم چيو, مان پنهن جي رب ڏانهن ويندس اهو مونکي ضرور ڪاميابيءَ جو رستو ڏيکاريندو. |
| رَبِّ هَبْ لِيْ مِنَ الصّٰلِحِيْنَ ﴿١٠١﴾ | ١٠١. (۽ چيائين) اي منهن جا رب! مونکي نيڪوڪار اولاد بخش. |
| فَبَشَّرْنٰهُ بِغُلٰمٍ حَلِيْمٍ ﴿١٠٢﴾ | ١٠٢. تڏهين اسان انهيءَ کي هڪ حليم نينگر جي بشارت ڏني. |
| فَلَمَّا بَلَغَ مَعَهُ السَّعْيَ قَالَ يٰبُنَيَّ اِنِّيْٓ اَرٰى فِي الْمَنَامِ اَنِّيْٓ اَذْبَحُكَ فَانْظُرْ مَاذَا تَرٰى ؕ قَالَ يٰٓاَبَتِ افْعَلْ مَا تُؤْمَرُ ۫ سَتَجِدُنِيْٓ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ مِنَ الصّٰبِرِيْنَ ﴿١٠٣﴾ | ١٠٣. پوءِ جڏهين اهو ڇوڪرو انهيءَ سان تڪو هلڻ جي لائق ٿي ويو تہ انهيءَ چيو اي منهنجا پٽ! مون توکي خواب ۾ ڏٺو آهي تہ (جڻ) مان توکي ڪهي رهيو آهيان - پوءِ تون فيصلو ڪر تہ انهيءَ بابت تنهن جي ڪهڙي راءِ آهي (انهيءَ وقت پٽ) چيو اي منهنجا بيءُ جيڪي ڪي توکي خدا چوي ٿو اهوئي ڪر تون انشاءالله مونکي پنهنجي ايمان تي قائم رهڻ وارو ڏسندين. |
| فَلَمَّآ اَسْلَمَا وَتَلَّهٗ لِلْجَبِيْنِ ﴿١٠٤﴾ | ١٠٤. پوءِ جڏهين اهي ٻئي فرمانبرداريءَ تي آماده ٿي ويا ۽ انهيءَ (يعني پيءُ) انهيءَ (يعني رضامندي ڪرڻ واري پٽ) کي مٽي پر ڪيرايو. |
| وَنَادَيْنٰهُ اَنْ يّٰٓاِبْرٰهِيْمُ ﴿١٠٥﴾ | ١٠٥. ۽ اسان انهيءَ (يعني ابراهيم) کي پڪاري چيو اي ابراهيم ! |
| قَدْ صَدَّقْتَ الرُّءْيَا ۚ اِنَّا كَذٰلِكَ نَجْزِي الْمُحْسِنِيْنَ ﴿١٠٦﴾ | ١٠٦. تون پنهنجي رويا پوري ڪري چڪين, اسان اهڙيءَ طرح محسنن کي بدلو ڏيندا آهيون. |
| اِنَّ هٰذَا لَهُوَ الْبَلٰٓؤُا الْمُبِيْنُ ﴿١٠٧﴾ | ١٠٧. هيءَ يقينن هڪ ظاهر ظهور آزمائش هئي. |

| | |
|---|---|
| وَفَدَيْنٰهُ بِذِبْحٍ عَظِيْمٍ ﴿١٠٨﴾ | ١٠٨- ۽ اسان انهيءَ (يعني اسماعيل) جو فيصلو هڪ وڏي قربانيءَ جي ذريعي ڏيئي ڇڏيو. |
| وَتَرَكْنَا عَلَيْهِ فِي الْاٰخِرِيْنَ ﴿١٠٩﴾ | ١٠٩- ۽ پوءِ اچڻ وارين قومن ۾ انهيءَ جو نيڪ ذڪر باقي رکيو. |
| سَلٰمٌ عَلٰٓى اِبْرٰهِيْمَ ﴿١١٠﴾ | ١١٠- ابراهيم تي سلامتي نازل ٿيندي رهي. |
| كَذٰلِكَ نَجْزِي الْمُحْسِنِيْنَ ﴿١١١﴾ | ١١١- اسان محسنن کي اهڙئي طرح بدلو ڏيندا آهيون. |
| اِنَّهٗ مِنْ عِبَادِنَا الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿١١٢﴾ | ١١٢- هو يقينن اسانجي مومن ٻانهن مان هو. |
| وَبَشَّرْنٰهُ بِاِسْحٰقَ نَبِيًّا مِّنَ الصّٰلِحِيْنَ ﴿١١٣﴾ | ١١٣- ۽ اسان انهيءَ کي اسحاق جي بہ خبر ڏني هئي جيڪو نبي هو ۽ صالحن مان هو. |
| وَبٰرَكْنَا عَلَيْهِ وَعَلٰٓى اِسْحٰقَ ۭ وَمِنْ ذُرِّيَّتِهِمَا مُحْسِنٌ وَّظَالِمٌ لِّنَفْسِهٖ مُبِيْنٌ ﴿١١٣﴾ ع | ١١٤- ۽ اسان انهيءَ (يعني ابراهيم) تي ۽ اسحاق تي برڪتون نازل ڪيون ۽ انهن جي اولاد مان بہ ڪي ماڻهو پورا فرمانبردار هئا ۽ ڪي پنهنجي جانين تي ظاهر ظهور ظلم ڪرڻ وارا هئا. |
| وَلَقَدْ مَنَنَّا عَلٰي مُوْسٰى وَهٰرُوْنَ ﴿١١٥﴾ | ١١٥- ۽ اسان موسيٰ ۽ هارون تي بہ احسان ڪيو هو. |
| وَنَجَّيْنٰهُمَا وَقَوْمَهُمَا مِنَ الْكَرْبِ الْعَظِيْمِ ﴿١١٦﴾ | ١١٦- ۽ اسان انهن ٻنهي کي ۽ انهن جي قوم کي هڪ وڏي غم ۽ ٻوجي مان نجات ڏني هئي. |
| وَنَصَرْنٰهُمْ فَكَانُوْا هُمُ الْغٰلِبِيْنَ ﴿١١٧﴾ | ١١٧- ۽ اسان انهن سڀني جي مدد ڪئي جنهن جو نتيجو اهو ٿيو جو اهي غالب ٿي ويا. |
| وَاٰتَيْنٰهُمَا الْكِتٰبَ الْمُسْتَبِيْنَ ﴿١١٨﴾ | ١١٨- ۽ انهن کي هڪ ڪامل ڪتاب ڏنو جيڪو سڀني حڪمن کي کولي کولي بيان ڪندو هو. |
| وَهَدَيْنٰهُمَا الصِّرَاطَ الْمُسْتَقِيْمَ ﴿١١٩﴾ | ١١٩- ۽ اسان انهن ٻنهي کي سڌو رستو ڏيکاريو هو. |

وَتَرَكْنَا عَلَيْهِمَا فِي الْاٰخِرِيْنَ ﴿١٢٠﴾
١٢٠. ۽ اچڻ وارين قومن ۾ انهن جي لاءِ خير جو ذڪر ڇڏيو هو.

سَلٰمٌ عَلٰى مُوْسٰى وَهٰرُوْنَ ﴿١٢١﴾
١٢١. موسيٰ ۽ هارون تي هميشه سلامتي هجي.

اِنَّا كَذٰلِكَ نَجْزِى الْمُحْسِنِيْنَ ﴿١٢٢﴾
١٢٢. اسان اهڙيءَ طرح محسنن کي بدلو ڏيندا آهيون.

اِنَّهُمَا مِنْ عِبَادِنَا الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿١٢٣﴾
١٢٣. اهي ٻئي اسانجا مومن ٻانها هئا.

وَاِنَّ اِلْيَاسَ لَمِنَ الْمُرْسَلِيْنَ ﴿١٢٤﴾
١٢٤. ۽ ايلياس يقينن رسولن مان هو.

اِذْ قَالَ لِقَوْمِهٖۤ اَلَا تَتَّقُوْنَ ﴿١٢٥﴾
١٢٥. (ياد ڪيو) جڏهين انهن پنهنجي قوم کي چيو, ڇا توهان تقويٰ نٿا ڪيو.

اَتَدْعُوْنَ بَعْلًا وَّتَذَرُوْنَ اَحْسَنَ الْخَالِقِيْنَ ﴿١٢٦﴾
١٢٦. ڇا توهان بعل بت کي پڪاريو ٿا؟ ۽ جيڪو بهترين پيدائش ڪرڻ وارو آهي (يعني الله) انهيءَ کي ڇڏي ٿا ڏيو.

اللّٰهَ رَبَّكُمْ وَرَبَّ اٰبَآئِكُمُ الْاَوَّلِيْنَ ﴿١٢٧﴾
١٢٧. جيڪو توهانجو بہ رب آهي ۽ توهانجن پهرين ابن ڏاڏن جو بہ رب آهي.

فَكَذَّبُوْهُ فَاِنَّهُمْ لَمُحْضَرُوْنَ ﴿١٢٨﴾
١٢٨. (اهو ٻڌي ڪري) انهيءَ قوم انهيءَ کي ڪوڙو ڪيو, پوءِ اهي يقينن عذاب جي لاءِ پيش ڪيا ويندا.

اِلَّا عِبَادَ اللّٰهِ الْمُخْلَصِيْنَ ﴿١٢٩﴾
١٢٩. سواءِ الله جي مخلص ٻانهن جي (جو انهن سان اهو معاملو نہ ڪيو ويندو).

وَتَرَكْنَا عَلَيْهِ فِي الْاٰخِرِيْنَ ﴿١٣٠﴾
١٣٠. ۽ اسان انهيءَ (يعني ايلياس) جي لاءِ آخري قومن ۾ خير جو ذڪر ڇڏيو.

سَلٰمٌ عَلٰٓى اِلْ يَاسِيْنَ ﴿١٣١﴾
١٣١. الياسين تي هميشه هميشه سلامتي هجي.

اِنَّا كَذٰلِكَ نَجْزِى الْمُحْسِنِيْنَ ﴿١٣٢﴾
١٣٢. اسان اهڙيءَ طرح محسنن کي جزا ڏيندا آهيون.

اِنَّهٗ مِنْ عِبَادِنَا الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿١٣٣﴾
١٣٣. اهو (يعني ٻهريون ايلياس) اسانجي مومن ٻندن مان هو.

وَاِنَّ لُوْطًا لَّمِنَ الْمُرْسَلِيْنَ ﴿١٣٤﴾
١٣٤. ۽ لوط بہ يقينن مرسلين مان هو.

إِذْ نَجَّيْنٰهُ وَأَهْلَهٗٓ أَجْمَعِيْنَ ﴿١٣٥﴾ إِلَّا عَجُوْزًا فِي الْغٰبِرِيْنَ ﴿١٣٦﴾

١٣٥- ١٣٦- (سو ياد ڪيو انهيءَ وقت کي) جڏهين اسان انهيءَ کي ۽ انهيءَ جي اهل کي بہ سڀني کي. هڪ پوڙهي عورت کانسواءِ جيڪا پوئتي رهجي وڃڻ وارن مان هئي نجات ڏني.

ثُمَّ دَمَّرْنَا الْاٰخَرِيْنَ ﴿١٣٧﴾

١٣٧- پوءِ اسان باقي سڀني کي تباهہ ڪري ڇڏيو.

وَإِنَّكُمْ لَتَمُرُّوْنَ عَلَيْهِمْ مُّصْبِحِيْنَ ﴿١٣٨﴾

١٣٨- ۽ توهان انهن (جي علائقي) کان ڪڏهين صبح جي وقت ۽ ڪڏهين شام جي وقت لنگهو ٿا.

وَبِالَّيْلِ ۭ أَفَلَا تَعْقِلُوْنَ ﴿١٣٩﴾

١٣٩- ڇا پوءِ بہ توهان عقل کان ڪم نٿا وٺو.

ع ٨

وَإِنَّ يُوْنُسَ لَمِنَ الْمُرْسَلِيْنَ ﴿١٤٠﴾

١٤٠- ۽ يونس بہ يقينن رسولن مان هو.

إِذْ أَبَقَ إِلَى الْفُلْكِ الْمَشْحُوْنِ ﴿١٤١﴾

١٤١- (ياد ڪيو) جڏهين اهو ڀڄي هڪ اهڙي ٻيڙي ڏانهن ويو جيڪا ڀرجڻ واري هئي.

فَسَاهَمَ فَكَانَ مِنَ الْمُدْحَضِيْنَ ﴿١٤٢﴾

١٤٢- (۽ طوفان اچي انهن کي وڪوڙيو ۽ ٻڏڻ جو خطرو پيدا ٿي ويو) تڏهين انهن (باقي سڀني سوارن سان ملي) قرع اندازي ڪئي ۽ (جاڪاڻ تہ ڪئي ۾ انهن جو نالو نڪتو) اهي (ڪٽي جي لحاظ کان) درياهہ ۾ ڦٽو ڪرڻ وارا ٿي ويا.

فَالْتَقَمَهُ الْحُوْتُ وَهُوَ مُلِيْمٌ ﴿١٤٣﴾

١٤٣- جنهن تي انهيءَ کي هڪ وڏي مڇيءَ ڳهي ڇڏيو جڏهين تہ اهو پنهن جي پاڻ کي ملامت ڪري رهيو هو.

فَلَوْلَآ أَنَّهٗ كَانَ مِنَ الْمُسَبِّحِيْنَ ﴿١٤٤﴾

١٤٤- ۽ جيڪڏهين اهو تسبيح ڪرڻ وارن مان نہ هجي ها.

النصف

لَلَبِثَ فِيْ بَطْنِهٖٓ إِلٰى يَوْمِ يُبْعَثُوْنَ ﴿١٤٥﴾

١٤٥- تہ انهيءَ مڇيءَ جي پيٽ ۾ قيامت جي ڏينهن تائين پيو رهي ها (يعني مري وڃي ها).

| | |
|---|---|
| فَنَبَذْنٰهُ بِالْعَرَآءِ وَهُوَ سَقِيْمٌ ﴿۱۴۵﴾ | ۱۴٦۔ پوءِ اسان انهيءَ کي هڪ کليل ميدان ۾ اڇلائي ڇڏيو جڏهن تہ اهو بيمار هو. |
| وَاَنْۢبَتْنَا عَلَيْهِ شَجَرَةً مِّنْ يَّقْطِيْنٍ ﴿۱۴٦﴾ | ۱۴۷۔ ۽ اسان انهيءَ جي پاسي ۾ هڪ ڪدو جو وڻ پيدا ڪيو. |
| وَاَرْسَلْنٰهُ اِلٰى مِائَةِ اَلْفٍ اَوْ يَزِيْدُوْنَ ﴿۱۴۷﴾ | ۱۴۸۔ ۽ اسان انهيءَ کي هڪ لک کان ڪجهہ وڌيڪ ماڻهن ڏانهن نبي ڪري موڪليو. |
| فَاٰمَنُوْا فَمَتَّعْنٰهُمْ اِلٰى حِيْنٍ ﴿۱۴۸﴾ | ۱۴۹۔ پوءِ انهن سڀني ايمان آندو ۽ اسان هڪ ڊگهي عرصي تائين انهن کي دنيوي فائدا پهچايا. |
| فَاسْتَفْتِهِمْ اَلِرَبِّكَ الْبَنَاتُ وَلَهُمُ الْبَنُوْنَ ﴿۱۴۹﴾ | ۱۵۰۔ پوءِ تون انهن کان پڇ تہ ڇا تنهن جي رب جون تہ ڌيئرون آهن ۽ انهن جا پٽ آهن؟ |
| اَمْ خَلَقْنَا الْمَلٰٓئِكَةَ اِنَاثًا وَّهُمْ شٰهِدُوْنَ ﴿۱۵۰﴾ | ۱۵۱۔ ۽ اسان فرشتن کي ماديءَ جي شڪل ۾ پيدا ڪيو ۽ اهي انهن جي پيدائش جا شاهد آهن؟ |
| اَلَآ اِنَّهُمْ مِّنْ اِفْكِهِمْ لَيَقُوْلُوْنَ ﴿۱۵۱﴾ | ۱۵۲۔ ڪن ڪولي ٻڌو اهي پنهن جي دل جي گهڙيل ڪوڙ جي مطابق اهي ڳالهيون ڪن ٿا. |
| وَلَدَ اللّٰهُ وَاِنَّهُمْ لَكٰذِبُوْنَ ﴿۱۵۲﴾ | ۱۵۳۔ تہ الله کي ٻـ اولاد آهي ـ ليڪن اهي قطعن ڪوڙا آهن. |
| اَصْطَفَى الْبَنَاتِ عَلَى الْبَنِيْنَ ﴿۱۵۳﴾ | ۱۵۴۔ ڇا انهيءَ پٽ ڇڏي نياڻيون چونڊيون آهن. |
| مَا لَكُمْ كَيْفَ تَحْكُمُوْنَ ﴿۱۵۴﴾ | ۱۵۵۔ توهانکي ڇا ٿي ويو جو توهان اهڙا بيوقوفيءَ جا فيصلا ڪيو ٿا. |
| اَفَلَا تَذَكَّرُوْنَ ﴿۱۵۵﴾ | ۱۵٦۔ ڇا توهان سمجهو نٿا. |
| اَمْ لَكُمْ سُلْطٰنٌ مُّبِيْنٌ ﴿۱۵٦﴾ | ۱۵۷۔ ڇا توهان وٽ ڪو کليل دليل آهي؟ |
| فَاْتُوْا بِكِتٰبِكُمْ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿۱۵۷﴾ | ۱۵۸۔ پوءِ پنهن جو اهو ڪتاب آڻيو جنهن ۾ اهو لکيل آهي جيڪڏهين توهان سچا آهيو. |
| وَجَعَلُوْا بَيْنَهٗ وَبَيْنَ الْجِنَّةِ نَسَبًا ۭ وَلَقَدْ عَلِمَتِ | ۱۵۹۔ ۽ اهي ماڻهو انهيءَ جي (يعني خدا |

سمجهي ويندا.

وَلَقَدْ سَبَقَتْ كَلِمَتُنَا لِعِبَادِنَا الْمُرْسَلِيْنَ ﴿١٧١﴾

١٧٢- ۽ اسانجو فيصلو اسانجن ٻانهن يعني رسولن لاءِ پهرين گذري چڪو آهي.

اِنَّهُمْ لَهُمُ الْمَنْصُوْرُوْنَ ﴿١٧٢﴾

١٧٣- (جيڪو هيءُ آهي) تہ انهن جي مدد ڪئي ويندي.

وَاِنَّ جُنْدَنَا لَهُمُ الْغٰلِبُوْنَ ﴿١٧٣﴾

١٧٤- ۽ اسانجو لشڪر (يعني مومنن جو گروهہ) ئي غالب رهندو.

فَتَوَلَّ عَنْهُمْ حَتّٰى حِيْنٍ ﴿١٧٤﴾

١٧٥- پوءِ تون انهن کان هڪ عرصي جي لاءِ منهن موڙي ڇڏ.

وَّاَبْصِرْهُمْ فَسَوْفَ يُبْصِرُوْنَ ﴿١٧٥﴾

١٧٦- ۽ انهن کي چڱيءَ طرح ڏسندو رهہ ـ اهي بہ ويجهڙو (پنهن جي پڄاڙي) ڏسي وٺندا.

اَفَبِعَذَابِنَا يَسْتَعْجِلُوْنَ ﴿١٧٦﴾

١٧٧- ڇا اهي ماڻهو اسانجي عذاب کي جلدي گهري رهيا آهن؟

فَاِذَا نَزَلَ بِسَاحَتِهِمْ فَسَآءَ صَبَاحُ الْمُنْذَرِيْنَ ﴿١٧٧﴾

١٧٨- پوءِ جڏهين اهو (عذاب) انهن جي اڱڻن تي نازل ٿيندو تہ اها قوم جنهن کي ڊيڄارو ويو آهي انهيءَ جو صبح نهايت افسوس ناڪ هوندو.

وَتَوَلَّ عَنْهُمْ حَتّٰى حِيْنٍ ﴿١٧٨﴾

١٧٩- ۽ (اسان وري چئون ٿا تہ) انهن کان ڪجهہ عرصي جيلاءِ منهن موڙي ڇڏ.

وَّاَبْصِرْ فَسَوْفَ يُبْصِرُوْنَ ﴿١٧٩﴾

١٨٠- ۽ انهن جو حال ڏسندو رهہ ۽ اهي بہ يقينن (پنهن جو انجام) ڏسي وٺندا.

سُبْحٰنَ رَبِّكَ رَبِّ الْعِزَّةِ عَمَّا يَصِفُوْنَ ﴿١٨٠﴾

١٨١- تنهن جو رب جيڪو سڀني وڏاين جو مالڪ آهي ـ انهن جي بيان ڪيل ڳالهين کان پاڪ آهي.

وَسَلٰمٌ عَلَى الْمُرْسَلِيْنَ ﴿١٨١﴾

١٨٢- ۽ رسولن تي هميشه سلامتي نازل ٿيندي رهندي.

وَالْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿١٨٢﴾ ع ٥

١٨٣- ۽ سڀ تعريف الله جي آهي جيڪو سڀني جهانن جو رب آهي.

# سُوْرَةُ صٓ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ مَعَ الْبَسْمَلَةِ تِسْعٌ وَّثَمَانُوْنَ اٰيَةً وَّخَمْسَةُ رُكُوْعَاتٍ

سورت ص ـ هي سورت مڪي آهي ۽ بسم الله سميت انهيءَ جون اٺاسي آيتون ۽ پنج رڪوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ①

١ـ (مان) الله جو نالو وٺي جيڪو بيحد ڪرم ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي (پڙهانئو)

صٓ وَالْقُرْاٰنِ ذِي الذِّكْرِ ②

٢ـ هن قرآن کي سچي خدا لاٿو آهي. اسان هن دعويٰ جي ثبوت ۾ قرآن کي شاهديءَ جي طور تي پيش ڪيون ٿا جيڪو هر ڪنهن قسم جي نصيحتن سان پر آهي.

بَلِ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا فِيْ عِزَّةٍ وَّشِقَاقٍ ③

٣ـ پر جن ڪفر ڪيو آهي اهي تڪبر ۾ مبتلا آهن ۽ (پنهن جي ڪوڙي ڳالهه کي سچي ڪرڻ لاءِ) اختلاف ڪرڻ انهن جو شيوو آهي.

كَمْ اَهْلَكْنَا مِنْ قَبْلِهِمْ مِّنْ قَرْنٍ فَنَادَوْا وَّلَاتَ حِيْنَ مَنَاصٍ ④

٤ـ اسان ڪيترين ئي قومن انهن کان پهرينءَ تباهه ڪيون آهن. جنهن تي انهن فرياد ڪيو. پر اهو وقت نجات جو نه هوندو آهي.

وَعَجِبُوْا اَنْ جَآءَهُمْ مُّنْذِرٌ مِّنْهُمْ وَقَالَ الْكٰفِرُوْنَ هٰذَا سٰحِرٌ كَذَّابٌ ⑤

٥ـ ۽ اهي تعجب ڪن ٿا ته انهن وٽ انهن جي ئي قوم مان هوشيار ڪرڻ وارو اچي ويو ۽ ڪافر چون ٿا ته هيءَ ته هڪ فريبي (۽) ڪوڙو آهي.

اَجَعَلَ الْاٰلِهَةَ اِلٰهًا وَّاحِدًا ۚ اِنَّ هٰذَا لَشَيْءٌ عُجَابٌ ⑥

٦ـ ڇا انهيءَ گهڻن معبودن کي هڪ معبود بنايو آهي؟ اها وڏي عجيب ڳالهه آهي.

وَانْطَلَقَ الْمَلَاُ مِنْهُمْ اَنِ امْشُوْا وَاصْبِرُوْا عَلٰٓى اٰلِهَتِكُمْ ۚ اِنَّ هٰذَا لَشَيْءٌ يُّرَادُ ⑦

٧ـ ۽ انهن مان وڏن ماڻهن چيو هتان هلو ـ ۽ پنهن جن معبودن تي مضبوطيءَ سان قائم رهو. هيءَ (ڳالهه يعني قرآن جي دعويٰ) يقينن اهڙي ڳالهه آهي جو انهيءَ ۾ ڪجهه

منصوبو آهي (يعني ڪنهن مطلب هيٺ چئي ويئي آهي).

مَا سَمِعْنَا بِهٰذَا فِي الْمِلَّةِ الْاٰخِرَةِ ۚ إِنْ هٰذَآ إِلَّا اخْتِلَاقٌ ﴿٨﴾

٨ـ اسان انهيءَ (قسم جي ڳالهه) جو ذڪر پاڻ کان پهرين قوم ۾ ڪڏهين نه ٻڌو هيءَ محض هٿ ڪوڙ آهي.

ءَ أُنْزِلَ عَلَيْهِ الذِّكْرُ مِنْ بَيْنِنَا ۚ بَلْ هُمْ فِي شَكٍّ مِّنْ ذِكْرِي ۚ بَلْ لَّمَّا يَذُوقُوا عَذَابِ ﴿٩﴾

٩ـ ڇا اسانجي سڀني قوم مان انهيءَ تي ذڪر نازل ٿيو آهي؟ حقيقت هيءَ آهي ته انهن کي منهن جي طرفان ذڪر نازل ٿيڻ ۾ ئي شڪ آهي (اصل ۾ اهو شڪ ڪونهي ته انهيءَ شخص تي ذڪر نازل ٿيو يا نه) پر (اصل ڳالهه اها آهي ته) انهن اڃا تائين منهنجو عذاب نه چکيو آهي (انهيءَ ڪري دلير ٿي ويا آهن).

أَمْ عِنْدَهُمْ خَزَآئِنُ رَحْمَةِ رَبِّكَ الْعَزِيزِ الْوَهَّابِ ﴿١٠﴾

١٠ـ تنهن جو رب جيڪو غالب (۽) بخشڻهار آهي ڇا انهيءَ جي رحمت جا خزانا انهن ئي وٽ آهن (جو وڻين ڏين وڻين ته نه ڏين).

أَمْ لَهُمْ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْأَرْضِ وَمَا بَيْنَهُمَا ۚ فَلْيَرْتَقُوا فِي الْأَسْبَابِ ﴿١١﴾

١١ـ ڇا آسمانن ۽ زمين ۽ جيڪي ڪي انهن جي وچ آهي انهن سڀني جي بادشاهت انهن ئي جي قبضي ۾ آهي؟ جيڪڏهين ائين آهي ته رسن جي ذريعي مٿي چڙهي وڃن (۽ ڪا خدائي شاهدي يعني لکيل ڪتاب کڻي اچن جنهن کي ڪافر پڙهي سگهن جهڙيءَ طرح اهي محمد رسول الله کان گهرندا هئا).

جُنْدٌ مَّا هُنَالِكَ مَهْزُومٌ مِّنَ الْأَحْزَابِ ﴿١٢﴾

١٢ـ هڪڙي (غير متقي) منظم لشڪر (جي اسان خبر ڏيونٿا جيڪو محمد رسول الله صلي الله عليه وسلم جي جاءِ تي حملو ڪندو پر) آخر اتان ڀڄي ويندو.

كَذَّبَتْ قَبْلَهُمْ قَوْمُ نُوحٍ وَّعَادٌ وَّفِرْعَوْنُ

١٣ـ انهن کان پهرين نوح جي قوم ۽ عاد ۽ فرعون (به) جيڪو وڏي طاقت وارو هو

عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ۭ اِنَّ الَّذِيْنَ يَضِلُّوْنَ عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ لَهُمْ عَذَابٌ شَدِيْدٌۢ بِمَا نَسُوْا يَوْمَ الْحِسَابِ ۝۲۶ ع

خواهش جي پيروي نہ ڪر - اها توکي الله جي رستي کان ڀٽڪائي ڇڏيندي - اهي ماڻهو جيڪي الله جي رستي کان ڀٽڪي وڃن ٿا انهن کي سخت عذاب ملندو ڇو جو اهي حساب جي ڏينهن کي وساري ويهن ٿا.

وَمَا خَلَقْنَا السَّمَاۗءَ وَالْاَرْضَ وَمَا بَيْنَهُمَا بَاطِلًا ۭ ذٰلِكَ ظَنُّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا ۚ فَوَيْلٌ لِّلَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنَ النَّارِ ۝۲۷

۲۸- ۽ اسان آسمانن ۽ زمين ۽ جيڪي ڪجھہ انهن ٻنهي جي وچ ۾ آهي انهيءَ کي ائين ئي ضايع ٿيڻ وارو نہ بنايو آهي اهو گمان انهن ماڻهن جو آهي جيڪي ڪافر آهن - پوءِ ڪافرن تي باهہ جي عذاب سبب تباهي نازل ٿيڻ واري آهي.

اَمْ نَجْعَلُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ كَالْمُفْسِدِيْنَ فِي الْاَرْضِ ۡ اَمْ نَجْعَلُ الْمُتَّقِيْنَ كَالْفُجَّارِ ۝۲۸

۲۹- ڇا اسان مومنن ۽ ايمان جي مطابق عمل ڪرڻ وارن کي زمين ۾ فساد ڪرڻ وارن جي برابر سمجھون. يا اسان متقين کي فاجرن جي برابر سمجھون.

كِتٰبٌ اَنْزَلْنٰهُ اِلَيْكَ مُبٰرَكٌ لِّيَدَّبَّرُوْٓا اٰيٰتِهٖ وَلِيَتَذَكَّرَ اُولُوا الْاَلْبَابِ ۝۲۹

۳۰- هيءَ (قرآن) هڪ ڪتاب آهي, جنهن کي اسان توڏانهن نازل ڪيو آهي سڀني خوبين جو مجموعو آهي انهيءَ لاءِ تہ اهي (الله) جي ڳالهين تي غور ڪن ۽ انهيءَ لاءِ تہ عقل مند ماڻهو نصيحت حاصل ڪن.

وَوَهَبْنَا لِدَاوٗدَ سُلَيْمٰنَ ۭ نِعْمَ الْعَبْدُ ۭ اِنَّهٗٓ اَوَّابٌ ۝۳۰

۳۱- ۽ اسان دائود کي سليمان بخشيو ۽ اهو تمام ڏاڍو سٺو ٻانهو هيو, هو خدا جي طرف گهڻو جهڪڻ وارو هو.

اِذْ عُرِضَ عَلَيْهِ بِالْعَشِيِّ الصّٰفِنٰتُ الْجِيَادُ ۝۳۱

۳۲- (۽ ياد ڪر) جڏهن انهيءَ جي اڳيان شام جي وقت اعليٰ درجي جا گهوڙا پيش ڪيا ويا.

فَقَالَ اِنِّىْٓ اَحْبَبْتُ حُبَّ الْخَيْرِ عَنْ ذِكْرِ رَبِّيْ ۚ حَتّٰى تَوَارَتْ بِالْحِجَابِ ۝۳۲

۳۳- تہ انهيءَ چيو مان دنيا جي سٺين شين سان انهيءَ لاءِ محبت رکان ٿو تہ اهي مونکي منهن جي رب جي يادگيري ڏيارين ٿيون, ايستائين جو جڏهن اهي گهوڙا اوٽ ۾ اچي

ويا.

رُدُّوْهَا عَلَيَّ ۚ فَطَفِقَ مَسْحًا بِالسُّوْقِ وَالْاَعْنَاقِ ﴿۳۳﴾

۳۴. (هن چيو) انهن کي مون وٽ واپس آڻيو (جڏهن اهي آيا) تہ اهو انهن جي پنين ۽ ڪنڌ ٺپرڻ لڳو.

وَلَقَدْ فَتَنَّا سُلَيْمٰنَ وَاَلْقَيْنَا عَلٰى كُرْسِيِّهٖ جَسَدًا ثُمَّ اَنَابَ ﴿۳۴﴾

۳۵. ۽ اسان سليمان جي آزمائش ڪئي ۽ انهيءَ جي تخت تي هڪ بيجان جسم کي ويهارڻ جو فيصلو ڪيو (پوءِ جڏهن اهو اشارو هن ڪشف ۾ ڏٺو) تہ هو پنهن جي رب ڏانهن جهڪيو.

قَالَ رَبِّ اغْفِرْ لِيْ وَهَبْ لِيْ مُلْكًا لَّا يَنْۢبَغِيْ لِاَحَدٍ مِّنْۢ بَعْدِيْ ۚ اِنَّكَ اَنْتَ الْوَهَّابُ ﴿۳۵﴾

۳۶. ۽ انهيءَ (سليمان پنهنجي پٽ جي حقيقت خدا کان معلوم ڪري) چيو تہ اي منهنجا رب منهن جن عيبن کي ڍڪ ۽ مونکي اهڙي بادشاهت عطا ڪر جيڪا مون کان پوءِ اچڻ واري اولاد کي ورثي ۾ نہ ملي تون يقينن وڏو بخشنهار آهين.

فَسَخَّرْنَا لَهُ الرِّيْحَ تَجْرِيْ بِاَمْرِهٖ رُخَآءً حَيْثُ اَصَابَ ﴿۳۶﴾

۳۷. ۽ اسان هن جي لاءِ هوا کي خدمت تي لڳائي ڇڏيو جيڪا انهيءَ جي حڪم جي مطابق جيڏانهن هن وڃڻ چاهيو ٿي نرميءَ سان انهيءَ طرف هلڻ ٿي لڳي.

وَالشَّيٰطِيْنَ كُلَّ بَنَّآءٍ وَّغَوَّاصٍ ﴿۳۷﴾

۳۸. اهڙيءَ طرح اسان سرڪش شيطانن کي يعني انهن مان سڀني انجنيئرن ۽ رازن اهڙي طرح ٽوبن کي، انهيءَ جي خدمت تي لڳائي ڇڏيو هو.

وَّاٰخَرِيْنَ مُقَرَّنِيْنَ فِي الْاَصْفَادِ ﴿۳۸﴾

۳۹. ۽ ڪن ٻين ماڻهن کي بہ جيڪي زنجيرن ۾ ٻڌا رهندا هئا.

هٰذَا عَطَآؤُنَا فَامْنُنْ اَوْ اَمْسِكْ بِغَيْرِ حِسَابٍ ﴿۳۹﴾

۴۰. اها اسانجي بي حساب عطا آهي - پوءِ خواهہ تون انهن قومن تي احسان ڪرين، خواهہ جيتري مناسب سختي هجي - انهن سان ڪر.

وَاِنَّ لَهٗ عِنْدَنَا لَزُلْفٰى وَحُسْنَ مَاٰبٍ ﴿۴۰﴾ ع ۳

۴۱. ۽ انهيءَ (يعني سليمان) کي اسان وٽ

ڏاڍو قرب حاصل آهي ۽ اسانوٽ انهيءَ جو ڏاڍو سٺو ٺڪاڻو آهي.

وَاذْكُرْ عَبْدَنَآ اَيُّوْبَ ۘ اِذْ نَادٰى رَبَّهٗٓ اَنِّىْ مَسَّنِىَ الشَّيْطٰنُ بِنُصْبٍ وَّعَذَابٍ ؕ﴿۴۲﴾

۴۲. ۽ اسانجي ٻانهي ايوب کي ياد ڪر جڏهين انهيءَ پنهنجي رب کي هيءَ چوندي پڪاريو تہ مونکي هڪ ڪافر دشمن ڏاڍي سخت تڪليف ۽ عذاب پهچايو آهي.

اُرْكُضْ بِرِجْلِكَ ۚ هٰذَا مُغْتَسَلٌۢ بَارِدٌ وَّشَرَابٌ ﴿۴۳﴾

۴۳. (اسان هن کي چيو تہ) پنهنجي سواريءَ کي آڙي هڻ اهو (سامهون) هڪ وهنجڻ جو پاڻي آهي جيڪو ٿڌو بہ آهي ۽ پيئڻ جي قابل بہ (يعني صاف آهي).

وَوَهَبْنَا لَهٗٓ اَهْلَهٗ وَمِثْلَهُمْ مَّعَهُمْ رَحْمَةً مِّنَّا وَذِكْرٰى لِاُولِى الْاَلْبَابِ ﴿۴۴﴾

۴۴. ۽ اسان هن کي سندس گهر وارا بہ ڏنا ۽ انهن جهڙا ٻيا بہ پنهنجي رحم سان ڏنا ۽ عقل وارن جي لاءِ هڪ نصيحت جو سامان بہ بخشيو.

وَخُذْ بِيَدِكَ ضِغْثًا فَاضْرِبْ بِّهٖ وَلَا تَحْنَثْ ۗ اِنَّا وَجَدْنٰهُ صَابِرًا ۗ نِعْمَ الْعَبْدُ ۗ اِنَّهٗٓ اَوَّابٌ ﴿۴۵﴾

۴۵. ۽ (ايوب کي چيوسين تہ) پنهن جي هٿ ۾ هڪ کجيءَ جي پنن واري ٽاري کڻ ۽ انهيءَ جي مدد سان تيزيءَ سان سفر ڪر (يعني انهيءَ سان سواريءَ جي جانور کي تيز هڪل) ۽ حق کان باطل طرف مائل نہ ٿيءَ. اسان انهيءَ (يعني ايوب) کي صابر پاتو هو هو تمام سٺو ٻانهو هو. هو يقينن خدا جي طرف ڪثرت سان جهڪڻ وارو هو.

وَاذْكُرْ عِبٰدَنَآ اِبْرٰهِيْمَ وَاِسْحٰقَ وَيَعْقُوْبَ اُولِى الْاَيْدِىْ وَالْاَبْصَارِ ﴿۴۶﴾

۴۶. ۽ ياد ڪر اسانجن ٻانهن ابراهيم ۽ اسحاق ۽ يعقوب کي جيڪي وڏا عمل وارا ۽ دورانديش هئا.

اِنَّآ اَخْلَصْنٰهُمْ بِخَالِصَةٍ ذِكْرَى الدَّارِ ۚ﴿۴۷﴾

۴۷. اسان انهن کي هڪ خالص ڳالهہ لاءِ چونڊيو هو ۽ اها اصلي گهر (يعني آخرت) جي يادگيري هئي.

وَاِنَّهُمْ عِنْدَنَا لَمِنَ الْمُصْطَفَيْنَ الْاَخْيَارِ ۗ﴿۴۸﴾

۴۸. ۽ اهي سيني اسان لاءِ خالص ۽ وڏي خير وارا ماڻهو هئا.

وَاذْكُرْ إِسْمٰعِيْلَ وَالْيَسَعَ وَذَا الْكِفْلِ ۖ وَكُلٌّ مِّنَ الْاَخْيَارِ ﴿٤٩﴾

٤٩. ۽ اسماعيل ۽ يسع (يعني يسعياھہ) کي ياد ڪيو ۽ ذوالڪفل (يعني حزقيل) کي (ياد ڪيو) ۽ اهي سڀيئي اسانجي نهايت نيڪ ٻانهن مان هئا.

هٰذَا ذِكْرٌ ۚ وَاِنَّ لِلْمُتَّقِيْنَ لَحُسْنَ مَاٰبٍ ﴿٥٠﴾

٥٠. اهو (بيان) انهن ماڻهن جي نقش قدم تي هلڻ لاءِ هڪ يادگيري آهي ۽ متقين لاءِ نهايت اعليٰ درجي جو ٺڪاڻو مقرر آهي.

جَنّٰتِ عَدْنٍ مُّفَتَّحَةً لَّهُمُ الْاَبْوَابُ ﴿٥١﴾

٥١. (يعني) هميشه رهڻ وارا باغ جن جا دروازا هميشه انهن لاءِ کليل رهندا.

مُتَّكِـِٕيْنَ فِيْهَا يَدْعُوْنَ فِيْهَا بِفَاكِهَةٍ كَثِيْرَةٍ وَّشَرَابٍ ﴿٥٢﴾

٥٢. اهي انهن ۾ وهاڻا لڳايو ويٺا هوندا اهي انهيءَ ۾ هر قسم جو ميوو جيڪو گهڻي تعداد ۾ هوندو طلب ڪندا ۽ اهڙي طرح پيڻ جون شيون بہ.

وَعِنْدَهُمْ قٰصِرٰتُ الطَّرْفِ اَتْرَابٌ ﴿٥٣﴾

٥٣. ۽ انهن وٽ نظرون هيٺ رکڻ واريون هم عمر عورتون هونديون.

هٰذَا مَا تُوْعَدُوْنَ لِيَوْمِ الْحِسَابِ ﴿٥٤﴾

٥٤. هي اهي ڳالهيون آهن جن جو توهان سان قيامت جي ڏينهن ملڻ جو واعدو ڪيو وڃيٿو.

اِنَّ هٰذَا لَرِزْقُنَا مَا لَهٗ مِنْ نَّفَادٍ ﴿٥٥﴾

٥٥. هيءَ اسانجو رزق آهي جيڪو ڪڏهين ختم نٿو ٿي سگهي.

هٰذَا ۗ وَاِنَّ لِلطّٰغِيْنَ لَشَرَّ مَاٰبٍ ﴿٥٦﴾

٥٦. اها (مومنن جي وعدي ڪيل شيءِ آهي) ليڪن سرڪش لاءِ ڏاڍو برو ٺڪاڻو (مقرر) آهي.

جَهَنَّمَ ۚ يَصْلَوْنَهَا ۚ فَبِئْسَ الْمِهَادُ ﴿٥٧﴾

٥٧. يعني جهنم جنهن جي اندر اهي داخل ٿيندا ۽ اها بري رهڻ جي جڳهہ آهي.

هٰذَا ۙ فَلْيَذُوْقُوْهُ حَمِيْمٌ وَّغَسَّاقٌ ﴿٥٨﴾

٥٨. اها (ڪافرن جي واعدي ڪيل شيءِ آهي) پوءِ گهرجي تہ اهي انهيءَ کي چکن يعني گرم پاڻي ۽ زخمن جي پونءِ کي.

وَّاٰخَرُ مِنْ شَكْلِهٖٓ اَزْوَاجٌ ﴿٥٩﴾

٥٩. ۽ انهيءَ (گروهہ) وانگر بہ ڪي ٻيا بہ گروهہ هوندا (جن جا عمل پاڻ ۾ ملندڙ

جلندڙ (هوندا).

هٰذَا فَوْجٌ مُّقْتَحِمٌ مَّعَكُمْ ۚ لَا مَرْحَبًا بِهِمْ ۚ إِنَّهُمْ صَالُوا النَّارِ ﴿٦٠﴾

٦٠. (انهن مان هڪ جماعت هڪ ٻيءَ جماعت ڏانهن اشارو ڪري چوندي) هيءَ به هڪ گروهه آهي جيڪو توهان سان جهنم ۾ داخل ٿيندو (۽) انهن کي ڪو به آجيان ڪرڻ وارو نه هوندو اهي ضرور جهنم ۾ داخل ٿيندا.

قَالُوا بَلْ أَنتُمْ لَا مَرْحَبًا بِكُمْ ۖ أَنتُمْ قَدَّمْتُمُوهُ لَنَا ۖ فَبِئْسَ الْقَرَارُ ﴿٦١﴾

٦١. (انهيءَ تي) اهو گروهه (جنهن کي اها ڳالهه چئي ويندي) چوندا اسان جو ذڪر ڇڏيو، توهان به اهڙا ماڻهو آهيو جن کي آءُ جيءَ ڪرڻ وارو ڪو ڪونهي توهان (اسانکي برغلائي برغلائي) انهيءَ (دوزخ) کي اسان لاءِ اڳتي موڪليو هو ۽ اهو تمام برو ٺڪاڻو آهي.

قَالُوا رَبَّنَا مَن قَدَّمَ لَنَا هٰذَا فَزِدْهُ عَذَابًا ضِعْفًا فِي النَّارِ ﴿٦٢﴾

٦٢. (انهيءَ تي) اهو گروهه (جنهن کي اهي اها ڳالهه چوندا) چوندو اي اسانجا رب! جنهن (به تنهن جي نظر ۾) اسان جي لاءِ انهيءَ دوزخ کي اڳتي موڪليو آهي (يعني اسانجي لاءِ ممڪن بنايو آهي) تون انهيءَ کي باهه ۾ گهڻي کان گهڻون عذاب ڏي.

وَقَالُوا مَا لَنَا لَا نَرَىٰ رِجَالًا كُنَّا نَعُدُّهُم مِّنَ الْأَشْرَارِ ﴿٦٣﴾

٦٣. ۽ (انهيءَ وقت دوزخي) چوندا اسانکي ڇا ٿيو جو اسان اڄ انهن ماڻهن کي نٿا ڏسون جن کي اسان برو قرار ڏيندا هئاسين.

أَتَّخَذْنَاهُمْ سِخْرِيًّا أَمْ زَاغَتْ عَنْهُمُ الْأَبْصَارُ ﴿٦٤﴾

٦٤. ڇا اسان انهن کي (ائين ئي پنهن جي دلي خيالن جي سببان) حقير سمجهندا هواسين يا هن وقت اسانجون اکيون ٽيڏيون ٿي ويون آهن (۽ اهي اسانکي نظر نٿا اچن).

إِنَّ ذٰلِكَ لَحَقٌّ تَخَاصُمُ أَهْلِ النَّارِ ﴿٦٥﴾ ع

٦٥. دوزخين جو اهو جهڳڙو هڪ سچي ڳالهه آهي ۽ ائين ئي ٿي رهندو.

قُلْ إِنَّمَا أَنَا مُنذِرٌ ۖ وَمَا مِنْ إِلٰهٍ إِلَّا اللّٰهُ

٦٦. تون (انهن کي) چئو مان ته صرف هڪ

الْوَاحِدُ الْقَهَّارُ ﴿٦٦﴾

ڊيڄارڻ وارو آهيان. الله کانسواءِ ڪوبہ معبود ڪونهي، هو اڪيلو (۽) غالب آهي.

رَبُّ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَمَا بَيْنَهُمَا الْعَزِيْزُ الْغَفَّارُ ﴿٦٧﴾

٦٧. آسمانن ۽ زمين جو رب آهي، ۽ جيڪي ڪي انهن ٻنهي جي وچ ۾ آهي انهيءَ جو بہ (هو) غالب آهي (۽ انهيءَ جي باوجود) بخشڻ وارو آهي.

قُلْ هُوَ نَبَؤٌا عَظِيْمٌ ﴿٦٨﴾

٦٨. تون چئو تہ هيءَ هڪ وڏي خبر آهي.

اَنْتُمْ عَنْهُ مُعْرِضُوْنَ ﴿٦٩﴾

٦٩. (پر) توهان انهيءَ کان منهن موڙي رهيا آهيو.

مَا كَانَ لِيَ مِنْ عِلْمٍ بِالْمَلَاِ الْاَعْلٰٓى اِذْ يَخْتَصِمُوْنَ ﴿٧٠﴾

٧٠. مونکي بلند شان فرشتن جو ڪوبہ علم نہ هو جڏهين اهي (هي) بحث ڪري رهيا هئا (تہ هن زماني ۾ هدايت ڏيڻ لاءِ ڪهڙو شخص مناسب آهي).

اِنْ يُّوْحٰٓى اِلَيَّ اِلَّآ اَنَّمَآ اَنَا نَذِيْرٌ مُّبِيْنٌ ﴿٧١﴾

٧١. مونکي تہ صرف اها وحي ڪئي ٿي وڃي تہ مان کولي کولي بيان ڪرڻ وارو نذير (يعني نبي) آهيان.

اِذْ قَالَ رَبُّكَ لِلْمَلٰٓئِكَةِ اِنِّيْ خَالِقٌۢ بَشَرًا مِّنْ طِيْنٍ ﴿٧٢﴾

٧٢. (ياد ڪر) جڏهين تنهن جي رب فرشتن کي چيو تہ مان آلي مٽيءَ مان هڪ بشر پيدا ڪرڻ وارو آهيان.

فَاِذَا سَوَّيْتُهٗ وَنَفَخْتُ فِيْهِ مِنْ رُّوْحِيْ فَقَعُوْا لَهٗ سٰجِدِيْنَ ﴿٧٣﴾

٧٣. پوءِ جڏهين مان انهيءَ کي مڪمل ڪري وٺان ۽ انهيءَ ۾ پنهن جو ڪلام وجهان، تہ توهان مائهو فرمانبرداريءَ سان انهيءَ جي اڳيان جهڪي پئجو.

فَسَجَدَ الْمَلٰٓئِكَةُ كُلُّهُمْ اَجْمَعُوْنَ ﴿٧٤﴾

٧٤. پوءِ سڀني ملائڪن انهيءَ جي فرمانبرداري اختيار ڪئي.

اِلَّآ اِبْلِيْسَ اِسْتَكْبَرَ وَكَانَ مِنَ الْكٰفِرِيْنَ ﴿٧٥﴾

٧٥. سواءِ ابليس جي جنهن تڪبر ڪيو ۽ اهو پهرينءَ کان ئي ڪافر هو.

قَالَ يٰٓاِبْلِيْسُ مَا مَنَعَكَ اَنْ تَسْجُدَ

٧٦. (الله) فرمايو، اي ابليس! توکي ڪنهن انهيءَ ڳالهہ کان روڪيو تہ جنهن کي مون

| | |
|---|---|
| اَجۡمَعِيۡنَ ﴿۸۵﴾ | پرينديس. |
| قُلۡ مَاۤ اَسۡـَٔلُكُمۡ عَلَيۡهِ مِنۡ اَجۡرٍ وَّمَاۤ اَنَا مِنَ الۡمُتَكَلِّفِيۡنَ ﴿۸۶﴾ | ٨٧. تون چئو تہ مان هن (پرچار) لاءِ توهان کان ڪو اجر نہ ٿو گهران ۽ نہ مان ڏيک خاطر ڳالهہ ڪرڻ جو عادي آهيان. |
| اِنۡ هُوَ اِلَّا ذِكۡرٌ لِّلۡعٰلَمِيۡنَ ﴿۸۷﴾ | ٨٨. هيءَ (قرآن) تہ سڀني جهانن جي لاءِ هڪ نصيحت جو ڪتاب آهي. |
| وَلَتَعۡلَمُنَّ نَبَاَهٗ بَعۡدَ حِيۡنٍ ﴿۸۸﴾ ع ۵ | ٨٩. ۽ توهان ٿوري عرصي ڪانپوءِ ان جي خبر پڌندؤ. |

النَّهَارِ وَيُكَوِّرُ النَّهَارَ عَلَى الَّيْلِ وَسَخَّرَ الشَّمْسَ وَ
الْقَمَرَ كُلٌّ يَّجْرِيْ لِاَجَلٍ مُّسَمًّى اَلَا هُوَ الْعَزِيْزُ
الْغَفَّارُ ﴿٦﴾

مصلحت سان پيدا ڪيو آهي هو رات کي ڏينهن تي ڍڪي ڇڏي ٿو ۽ ڏينهن کي رات تي ڍڪي ڇڏيٿو ۽ سج ۽ چنڊ کي انهيءَ هڪ (قانون جو پابند بنائي) ڪم تي لڳائي ڇڏيو آهي - ٻنهي مان هر هڪ، هڪ مقرر مدت جي لاءِ هڪ رستي تي هلي رهيا آهن - ٻڌو! هو وڏو غالب (۽) وڏو بخشڻ وارو آهي.

خَلَقَكُمْ مِّنْ نَّفْسٍ وَّاحِدَةٍ ثُمَّ جَعَلَ مِنْهَا زَوْجَهَا
وَاَنْزَلَ لَكُمْ مِّنَ الْاَنْعَامِ ثَمٰنِيَةَ اَزْوَاجٍ يَخْلُقُكُمْ
فِيْ بُطُوْنِ اُمَّهٰتِكُمْ خَلْقًا مِّنْ بَعْدِ خَلْقٍ فِيْ
ظُلُمٰتٍ ثَلٰثٍ ذٰلِكُمُ اللّٰهُ رَبُّكُمْ لَهُ الْمُلْكُ لَا اِلٰهَ
اِلَّا هُوَ فَاَنّٰى تُصْرَفُوْنَ ﴿٧﴾

٧. توهانکي انهيءَ هڪ جان مان پيدا ڪيو آهي - پوءِ انهيءَ انهيءَ جنس مان انهيءَ جو جوڙو بنايو ۽ توهان جيلاءِ چوپاين مان هن اٺ جوڙا بنايا آهن هو توهانکي توهانجن مائرن جي پيٽ ۾ پيدا ڪريٿو (يعني) هڪ پيدائش کانپوءِ ٻي پيدائش ۾ بدلائيندي ٽن اونداهين مان لنگهائي - اهو الله توهان جو رب آهي. بادشاهت انهيءَ جي قبضي ۾ آهي، صرف اهوئي هڪ معبود آهي پوءِ توهان ڪيڏانهن ڦيرايا وڃوٿا.

اِنْ تَكْفُرُوْا فَاِنَّ اللّٰهَ غَنِيٌّ عَنْكُمْ وَلَا يَرْضٰى لِعِبَادِهِ
الْكُفْرَ وَاِنْ تَشْكُرُوْا يَرْضَهُ لَكُمْ وَلَا تَزِرُ وَازِرَةٌ
وِّزْرَ اُخْرٰى ثُمَّ اِلٰى رَبِّكُمْ مَّرْجِعُكُمْ فَيُنَبِّئُكُمْ
بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ اِنَّهُ عَلِيْمٌ بِذَاتِ الصُّدُوْرِ ﴿٨﴾

٨. جيڪڏهين توهان ڪفر ڪيو تہ الله توهانجو محتاج ڪونهي ۽ اهو پنهنجن ٻانهن لاءِ ڪفر کي ڪڏهين پسند نٿو ڪري ۽ جيڪڏهين شڪر ڪيو تہ هو انهي کي توهان جيلاءِ پسند ڪري ٿو ۽ ڪابہ بار کڻڻ واري هستي ٻئي جو بار نٿي کڻي سگهي ۽ توهان سڀني کي پنهن جي رب ڏانهن ٿي موٽي وڃڻو پوندو - تڏهين هو توهانکي توهانجن عملن کان خبردار ڪندو - هو سينن جي اندر لڪل ڳالهين کي ڄاڻڻ وارو آهي.

وَاِذَا مَسَّ الْاِنْسَانَ ضُرٌّ دَعَا رَبَّهُ مُنِيْبًا اِلَيْهِ
ثُمَّ اِذَا خَوَّلَهُ نِعْمَةً مِّنْهُ نَسِيَ مَا كَانَ يَدْعُوْٓا

٩. ۽ جڏهين بہ انسان کي ڪا تڪليف پهچي ٿي اهو پنهن جي رب ڏانهن ڌيان ڏيندي انهيءَ کي پڪاري ٿو پوءِ جڏهين هو

اِلَيۡهِ مِنۡ قَبۡلُ وَجَعَلَ لِلّٰهِ اَنۡدَادًا لِّيُضِلَّ عَنۡ سَبِيۡلِهٖ ؕ قُلۡ تَمَتَّعۡ بِكُفۡرِكَ قَلِيۡلًا ۖ اِنَّكَ مِنۡ اَصۡحٰبِ النَّارِ ⑨

انسان کي پنهن جي طرفان نعمت عطا ڪري ڇڏيندو تہ انسان انهيءَ غرض کي وساري ڇڏيندو جنهن جي لاءِ هن خدا کي پڪاريو ٿي ۽ خدا جا شريڪ مقرر ڪري ڇڏي ٿو انهيءَ لاءِ تہ انهيءَ جي رستي کان (ماڻهن کي) گمراهہ ڪري تون چؤ (اي انسان) ٿوري دير پنهن جي ڪفر جي ڪري فائدو وٺ. آخرڪار تہ تون دوزخ ۾ پوڻ وارو آهين.

اَمَّنۡ هُوَ قَانِتٌ اٰنَآءَ الَّيۡلِ سَاجِدًا وَّقَآئِمًا يَّحۡذَرُ الۡاٰخِرَةَ وَيَرۡجُوۡا رَحۡمَةَ رَبِّهٖ ؕ قُلۡ هَلۡ يَسۡتَوِى الَّذِيۡنَ يَعۡلَمُوۡنَ وَالَّذِيۡنَ لَا يَعۡلَمُوۡنَ ؕ اِنَّمَا يَتَذَكَّرُ اُولُوا الۡاَلۡبَابِ ⑩ ع

١٠. ڇا جيڪو شخص رات جي گهڙين ۾ سجدي ۽ قيام جي صورت ۾ فرمانبرداريءَ جو نمونو ڏيکاري ٿو ۽ آخرت کان ڊڄي ٿو ۽ پنهن جي رب جي رحمت جي اميد رکيٿو (اهو نافرمان وانگر ٿي سگهيٿو) تون چؤ ڇا علم وارا ماڻهو ۽ جاهل برابر ٿي سگهن ٿا؟ نصيحت تہ صرف عقلمند ماڻهو حاصل ڪندا آهن.

قُلۡ يٰعِبَادِ الَّذِيۡنَ اٰمَنُوا اتَّقُوۡا رَبَّكُمۡ ؕ لِلَّذِيۡنَ اَحۡسَنُوۡا فِىۡ هٰذِهِ الدُّنۡيَا حَسَنَةٌ ؕ وَاَرۡضُ اللّٰهِ وَاسِعَةٌ ؕ اِنَّمَا يُوَفَّى الصّٰبِرُوۡنَ اَجۡرَهُمۡ بِغَيۡرِ حِسَابٍ ⑪

١١. (اهڙيءَ طرح) چؤ تہ اي منهنجا مومن ٻانهو! پنهن جي رب جي تقويٰ اختيار ڪيو. اهي ماڻهو جيڪي هن دنيا ۾ (الله جي) حڪمن کي پوريءَ طرح ادا ڪن ٿا انهن جي لاءِ (اڳتين جهان ۾) نيڪ بدلو مقرر آهي. ۽ الله جي زمين ڏاڍي ڪشادي آهي. صابرن کي انهن جو اجر بنان حساب جي پورو پورو ڏنو ويندو.

قُلۡ اِنِّىۡۤ اُمِرۡتُ اَنۡ اَعۡبُدَ اللّٰهَ مُخۡلِصًا لَّهُ الدِّيۡنَ ۙ ⑫

١٢. تون چؤ تہ مونکي حڪم ڏنو ويو آهي تہ مان الله جي اهڙيءَ طرح عبادت ڪيان جو اطاعت صرف انهيءَ جي لاءِ مخصوص ڪري ڇڏيان.

وَاُمِرۡتُ لِاَنۡ اَكُوۡنَ اَوَّلَ الۡمُسۡلِمِيۡنَ ⑬

١٣. ۽ مونکي اهو حڪم ڏنو ويو آهي تہ مان الله جو سڀني کان وڌو فرمانبردار بڻجان.

وارن کي بچائي سگهين ٿو.

لٰكِنِ الَّذِيْنَ اتَّقَوْا رَبَّهُمْ لَهُمْ غُرَفٌ مِّنْ فَوْقِهَا
غُرَفٌ مَّبْنِيَّةٌ ۙ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ ۬ وَعْدَ
اللّٰهِ ۭ لَا يُخْلِفُ اللّٰهُ الْمِيْعَادَ ﴿٢١﴾

٢١. پر اهي ماڻهو جيڪي پنهن جي رب جي تقويٰ اختيار ڪن ٿا انهن کي ڪيترين ئي منزلن وارين جايون عطا ٿينديون جن جي مٿان بيون منزلون مضبوطيءَ سان ٺهيل هونديون . انهن جي هيٺان نهرون وهنديون هونديون اهو الله جو هڪ پڪو انجام آهي (۽) الله پنهن جن واعدن کي ٽوڙيندو نه آهي.

اَلَمْ تَرَ اَنَّ اللّٰهَ اَنْزَلَ مِنَ السَّمَآءِ مَآءً فَسَلَكَهٗ
يَنَابِيْعَ فِي الْاَرْضِ ثُمَّ يُخْرِجُ بِهٖ زَرْعًا مُّخْتَلِفًا
اَلْوَانُهٗ ثُمَّ يَهِيْجُ فَتَرٰىهُ مُصْفَرًّا ثُمَّ يَجْعَلُهٗ
حُطَامًا ۭ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَذِكْرٰى لِاُولِي الْاَلْبَابِ ﴿٢٢﴾ ع

٢٢. ڇا توهان نه ڏٺو آهي ته الله آسمانن مان پاڻي وسايو آهي . پوءِ انهيءَ کي زمين مان چشما بنائي هلايو آهي پوءِ انهيءَ جي ذريعي مختلف رنگن جي پوک پيدا ڪري ٿو.

پوءِ اها پچڻ تي اچي وڃي ٿي ته تون انهيءَ کي زرد زرد ڏسين ٿو پوءِ الله انهيءَ کي ڪک ڪاني وانگر ڪريو ڇڏي ٿو انهيءَ ۾ عقلمند لاءِ وڏي نصيحت آهي.

اَفَمَنْ شَرَحَ اللّٰهُ صَدْرَهٗ لِلْاِسْلَامِ فَهُوَ عَلٰى نُوْرٍ
مِّنْ رَّبِّهٖ ۭ فَوَيْلٌ لِّلْقٰسِيَةِ قُلُوْبُهُمْ مِّنْ ذِكْرِ اللّٰهِ ۭ
اُولٰۗىِٕكَ فِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ ﴿٢٣﴾

٢٣. ڇا جنهن جو سينو الله فرمانبرداريءَ لاءِ کولي ڇڏي ۽ انهيءَ کي پنهن جي رب جي طرفان نور به مليو هجي (اهو انهيءَ جي برابر ٿي سگهي ٿو جيڪو ائين نه هجي) پوءِ افسوس انهن تي جن جون دليون الله جي ذڪر کان سختي محسوس ڪن ٿيون. اهي وڏي ظاهر گمراهيءَ ۾ آهن.

اَللّٰهُ نَزَّلَ اَحْسَنَ الْحَدِيْثِ كِتٰبًا مُّتَشَابِهًا مَّثَانِيَ ۖ
تَقْشَعِرُّ مِنْهُ جُلُوْدُ الَّذِيْنَ يَخْشَوْنَ رَبَّهُمْ ۚ ثُمَّ تَلِيْنُ
جُلُوْدُهُمْ وَقُلُوْبُهُمْ اِلٰى ذِكْرِ اللّٰهِ ۭ ذٰلِكَ هُدَى
اللّٰهِ يَهْدِيْ بِهٖ مَنْ يَّشَاۗءُ ۭ وَمَنْ يُّضْلِلِ اللّٰهُ
فَمَا لَهٗ مِنْ هَادٍ ﴿٢٤﴾

٢٤. الله اهوئي آهي جنهن بهتر ڳالهه يعني اهو ڪتاب نازل ڪيو آهي جيڪو دهرايل به آهي ۽ انهيءَ جا مضمون نهايت اعليٰ آهن. جيڪي ماڻهو پنهن جي رب کان ڊڄن ٿا انهن جي جسم جا وار انهيءَ جي پڙهڻ سان ڪانڊارجي وڃن ٿا . پوءِ انهن جي چمڙي

۽ دل نرم ٿي الله جي ذڪر ڏانهن جهڪن ٿيون - هي (قرآن) الله جي هدايت آهي (يعني قرآن جنهن هدايت جو مالڪ آهي اها الله جي هدايت آهي) جنهن جي وسيلي هو جنهن کي چاهيٿو هدايت ڏئي ٿو ۽ جنهن کي الله گمراهہ ٺهرائي انهيءَ کي ڪوبہ هدايت نٿو ڏيئي سهگهي.

أَفَمَن يَتَّقِي بِوَجْهِهِ سُوءَ الْعَذَابِ يَوْمَ الْقِيَامَةِ ۚ وَقِيلَ لِلظَّالِمِينَ ذُوقُوا مَا كُنتُمْ تَكْسِبُونَ ﴿٢٥﴾

٢٥- ڇا اهو شخص جيڪو پنهن جي منهن کي قيامت جي ڏينهن سخت عذاب (يعني دوزخ) کان بچڻ جي لاءِ ڍال بنائي ٿو (اهو جنت ۾ وڃڻ واري جي برابر ٿي سگهيٿو) ۽ ظالمن کي چيو ويندو تہ پنهن جن عملن جو نتيجو چکو.

كَذَّبَ الَّذِينَ مِن قَبْلِهِمْ فَأَتَاهُمُ الْعَذَابُ مِنْ حَيْثُ لَا يَشْعُرُونَ ﴿٢٦﴾

٢٦- انهن کان پهرين بہ ماڻهو ڪوڙو ڪري چڪا آهن (پوءِ انهيءَ جي نتيجي ۾) انهن جي مٿان عذاب اهڙن اهڙن طرفن کان آيو جن کي اهي سمهجي نٿي سگهيا.

فَأَذَاقَهُمُ اللَّهُ الْخِزْيَ فِي الْحَيَاةِ الدُّنْيَا ۖ وَلَعَذَابُ الْآخِرَةِ أَكْبَرُ ۚ لَوْ كَانُوا يَعْلَمُونَ ﴿٢٧﴾

٢٧- ۽ الله انهن کي دنيوي زندگيءَ جي خواري بہ ڏني ۽ آخرت ۾ جيڪو عذاب ايندو جيڪڏهين اهي سمجهن تہ اهو انهيءَ کان بہ وڏو هوندو.

وَلَقَدْ ضَرَبْنَا لِلنَّاسِ فِي هَٰذَا الْقُرْآنِ مِن كُلِّ مَثَلٍ لَّعَلَّهُمْ يَتَذَكَّرُونَ ﴿٢٨﴾

٢٨- ۽ اسان هن قرآن ۾ هر قسم جون ڳالهيون بيان ڪري ڇڏيون آهن انهيءَ لاءِ تہ اهي (يعني ڪافر) نصيحت حاصل ڪن.

قُرْآنًا عَرَبِيًّا غَيْرَ ذِي عِوَجٍ لَّعَلَّهُمْ يَتَّقُونَ ﴿٢٩﴾

٢٩- اسان هن کي قرآن بنايو آهي جيڪو پنهن جو مطلب کولي بيان ڪرڻ وارو آهي هن ۾ ڪوبہ ڏنگ نہ آهي (هيءَ انهيءَ لاءِ لٿو آهي) تہ ماڻهو تقويٰ اختيار ڪن.

ضَرَبَ اللَّهُ مَثَلًا رَّجُلًا فِيهِ شُرَكَاءُ مُتَشَاكِسُونَ

٣٠- الله انهيءَ شخص جي حالت کي (عبرت جيلاءِ) بيان ڪريٿو جنهن جا ڪتيرائي

وَرَجُلًا سَلَمًا لِّرَجُلٍ هَلْ يَسْتَوِيٰنِ مَثَلًا اَلْحَمْدُ
لِلّٰهِ بَلْ اَكْثَرُهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿٣٠﴾

مالڪ آهن جيڪي پاڻ ۾ اختلاف به رکن ٿا ۽ هڪ شخص سچوئي هڪ ماڻهو جي ملڪيت آهي - ڇا اهي ٻئي شخص انهن جي حال ۾ برابر ٿي سگهن ٿا؟ سڀ تعريف الله جي لئي آهي پر انهن مان اڪثر نٿا ڄاڻن.

اِنَّكَ مَيِّتٌ وَّاِنَّهُمْ مَّيِّتُوْنَ ﴿٣١﴾

٣١- تون هڪ ڏينهن مرڻ وارو آهين ۽ اهي به مرڻ وارا آهن.

ثُمَّ اِنَّكُمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ عِنْدَ رَبِّكُمْ تَخْتَصِمُوْنَ ﴿٣٢﴾ ع ٣ ١٠ ١٤

٣٢- پوءِ توهان سڀيئي قيامت جي ڏينهن پنهن جي رب جي سامهون پنهن جي پنهن جي عقيدن ۽ عملن کي پيش ڪندؤ.

فَمَنْ اَظْلَمُ مِمَّنْ كَذَبَ عَلَى اللّٰهِ وَكَذَّبَ
بِالصِّدْقِ اِذْ جَآءَهٗ اَلَيْسَ فِيْ جَهَنَّمَ مَثْوًى
لِّلْكٰفِرِيْنَ ﴿٣٣﴾

٣٣- ۽ انهيءَ کان وڌيڪ ظالم ڪير ٿي سگهيٿو جيڪو الله تي ڪوڙ ناهي ۽ (خدا جي طرفان اچڻ واري) سچ کي جڏهين اهو انهيءَ وٽ اچي ڪوڙو ڪري ڇا ڪافرن جو ٺڪاڻو جهنم نه آهي؟

وَالَّذِيْ جَآءَ بِالصِّدْقِ وَصَدَّقَ بِهٖۤ اُولٰٓئِكَ هُمُ
الْمُتَّقُوْنَ ﴿٣٤﴾

٣٤- ۽ (هر) اهو شخص جيڪو خدا جي طرفان سچي تعليم آڻي ۽ (هر) اهو شخص جيڪو اهڙي تعليم جي تصديق ڪري اهڙا ماڻهو ئي متقي ٿيندا آهن.

لَهُمْ مَّا يَشَآءُوْنَ عِنْدَ رَبِّهِمْ ذٰلِكَ جَزٰٓؤُا
الْمُحْسِنِيْنَ ﴿٣٥﴾

٣٥- اهي جيڪي ڪجهه گهرندا انهن کي پنهن جي رب وٽان ملي ويندو - نيڪو ڪارن جو بدلو اهڙوئي هوندو آهي.

لِيُكَفِّرَ اللّٰهُ عَنْهُمْ اَسْوَاَ الَّذِيْ عَمِلُوْا وَيَجْزِيَهُمْ
اَجْرَهُمْ بِاَحْسَنِ الَّذِيْ كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿٣٦﴾

٣٦- انهيءَ لاءِ ته الله انهن جي عملن جي بدين کي ڍڪي ڇڏي ۽ انهن جو بدلو انهن جي عملن مان جيڪي سڀ کان سٺا عمل هجن انهن جي مطابق ڏيئي ڇڏي.

اَلَيْسَ اللّٰهُ بِكَافٍ عَبْدَهٗ وَيُخَوِّفُوْنَكَ بِالَّذِيْنَ
مِنْ دُوْنِهٖ وَمَنْ يُّضْلِلِ اللّٰهُ فَمَا لَهٗ مِنْ هَادٍ ﴿٣٧﴾

٣٧- ڇا الله پنهن جي ٻانهي لاءِ ڪافي نه آهي؟ ۽ اهي ماڻهو توکي انهن کان ڊيڄارين ٿا جيڪي هن (الله) کان سواءِ آهن ۽ جنهن کي الله گمراهه سمجهي انهيءَ کي هدايت

ڏيڻ وارو ڪوبہ ڪونهي.

وَمَنْ يَّهْدِ اللّٰهُ فَمَا لَهٗ مِنْ مُّضِلٍّ ۗ اَلَيْسَ اللّٰهُ بِعَزِيْزٍ ذِى انْتِقَامٍ ﴿٣٧﴾

٣٨. ۽ جنهنکي الله هدايت ڏيئي انهيءَ کي ڪوبہ گمراهہ ڪري نٿو سگهي . ڇا الله غالب (۽) بدلي وٺڻ تي قادر نہ آهي ؟

وَلَئِنْ سَاَلْتَهُمْ مَّنْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ لَيَقُوْلُنَّ اللّٰهُ ۗ قُلْ اَفَرَءَيْتُمْ مَّا تَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ اِنْ اَرَادَنِىَ اللّٰهُ بِضُرٍّ هَلْ هُنَّ كٰشِفٰتُ ضُرِّهٖۤ اَوْ اَرَادَنِىْ بِرَحْمَةٍ هَلْ هُنَّ مُمْسِكٰتُ رَحْمَتِهٖ ۗ قُلْ حَسْبِىَ اللّٰهُ ۗ عَلَيْهِ يَتَوَكَّلُ الْمُتَوَكِّلُوْنَ ﴿٣٨﴾

٣٩. ۽ جيڪڏهين تون انهن کان پڇين تہ آسمانن ۽ زمين کي ڪنهن پيدا ڪيو آهي؟ تہ اهي ضرور چوندا تہ الله . تون چؤ ڇا توهانکي معلوم آهي تہ توهان الله کانسواءِ ڪنهن کي ٿا پڪاريو؟ جيڪڏهين الله مونکي نقصان پهچائڻ گهري تہ ڇا اهي (ڪوڙا معبود) انهيءَ جي نقصان کي ٽاري سگهن ٿا؟ يا جيڪڏهين الله مونکي رحمت پهچائڻ گهري تہ ڇا اهي (معبود) انهيءَ جي رحمت کي روڪي سگهن ٿا؟ تون چؤ مون لاءِ الله ڪافي آهي. سڀ (سچا) ڀروسو ڪندڙ انهيءَ تي ڀروسو ڪن ٿا.

قُلْ يٰقَوْمِ اعْمَلُوْا عَلٰى مَكَانَتِكُمْ اِنِّىْ عَامِلٌ ۚ فَسَوْفَ تَعْلَمُوْنَ ﴿٣٩﴾

٤٠. تون چؤ، اي منهن جي قوم! توهان پنهنجي جاين تي عمل ڪيو. مان بہ (پنهن جي جاءِ تي) عمل ڪندس . پوءِ توهان ضرور سمجهي ويندؤ.

مَنْ يَّاْتِيْهِ عَذَابٌ يُّخْزِيْهِ وَيَحِلُّ عَلَيْهِ عَذَابٌ مُّقِيْمٌ ﴿٤٠﴾

٤١. (تہ) ڪنهن کي اهڙو عذاب اچيٿو جيڪو انهيءَ کي خوار ڪري ڇڏيٿو ۽ ڪنهن تي اهو عذاب اچي ٿو جيڪو دائمي ٿئي ٿو.

اِنَّاۤ اَنْزَلْنَا عَلَيْكَ الْكِتٰبَ لِلنَّاسِ بِالْحَقِّ ۚ فَمَنِ اهْتَدٰى فَلِنَفْسِهٖ ۚ وَمَنْ ضَلَّ فَاِنَّمَا يَضِلُّ عَلَيْهَا ۚ وَمَاۤ اَنْتَ عَلَيْهِمْ بِوَكِيْلٍ ﴿٤١﴾ ع

٤٢. اسان توتي (هيءَ) ڪتاب يقينن ماڻهن جي فائدي لاءِ حق ۽ حڪمت سان نازل ڪيو آهي سو جنهن هدايت حاصل ڪئي انهيءَ جو نفعو انهيءَ جي جان کي حاصل ٿيندو ۽ جيڪو گمراهہ ٿي ويو انهيءَ جي گمراهي انهيءَ تي پوندي ۽ تون انهن تي ڪارساز جي طور تي مقرر ڪيو ويو نہ آهين.

اَللّٰهُ يَتَوَفَّى الْاَنْفُسَ حِيْنَ مَوْتِهَا وَالَّتِيْ لَمْ تَمُتْ
فِيْ مَنَامِهَا ۚ فَيُمْسِكُ الَّتِيْ قَضٰى عَلَيْهَا الْمَوْتَ
وَيُرْسِلُ الْاُخْرٰٓى اِلٰٓى اَجَلٍ مُّسَمًّى ۭ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ
لَاٰيٰتٍ لِّقَوْمٍ يَّتَفَكَّرُوْنَ ۝٤٢

۴۳. الله هر شخص جو روح انهيءَ جي موت جي وقت قبض ڪندو آهي ۽ جنهن جو موت نہ آيو آهي (انهيءَ جو روح) انهيءَ جي ننڊ جي وقت (قبض ڪري ٿو) پوءِ اهو جنهن جي موت جو حڪم ڪري چڪندو آهي انهيءَ جي روح کي روڪي رکندو آهي ۽ ٻئي کي هڪ مقرر ڪيل مدت جي لاءِ واپس ڪري ڇڏي ٿو انهيءَ ۾ فڪر ڪرڻ واري قوم جي لاءِ نشانيون آهن.

اَمِ اتَّخَذُوْا مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ شُفَعَاۗءَ ۭ قُلْ اَوَلَوْ كَانُوْا
لَا يَمْلِكُوْنَ شَيْـًٔا وَّلَا يَعْقِلُوْنَ ۝٤٣

۴۴. ڇا انهن الله کانسواءِ ڪي شفاعت ڪندڙ ٺهرائي ڇڏيا آهن؟ چؤ جيتوڻيڪ انهن جي قبضي ۾ ڪا طاقت نہ هجي ۽ نہ انهن کي (ڪنهن قسم جي) سمجهہ ٻوجهہ هجي (پوءِ بہ توهان انهن کي شفاعت ڪندڙ ٺهرائيندؤ)

قُلْ لِّلّٰهِ الشَّفَاعَةُ جَمِيْعًا ۭ لَهٗ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَ
الْاَرْضِ ۭ ثُمَّ اِلَيْهِ تُرْجَعُوْنَ ۝٤٤

۴۵. تون چؤ شفاعت جو اختيار سڄو ئي الله جي هٿ ۾ آهي (جنهن کي چاهي ٿو اهو اختيار ڏني ٿو) آسمانن ۽ زمين جي بادشاهت انهيءَ جي آهي ۽ توهان انهيءَ ڏانهن موٽايا ويندؤ.

وَاِذَا ذُكِرَ اللّٰهُ وَحْدَهُ اشْمَاَزَّتْ قُلُوْبُ الَّذِيْنَ
لَا يُؤْمِنُوْنَ بِالْاٰخِرَةِ ۚ وَاِذَا ذُكِرَ الَّذِيْنَ مِنْ دُوْنِهٖٓ
اِذَا هُمْ يَسْتَبْشِرُوْنَ ۝٤٥

۴۶. ۽ جڏهين واحد خدا جو ذڪر ڪيو وڃيٿو تہ اهي ماڻهو جيڪي آخرت تي ايمان نہ ٿا آڻين انهن جون دليون (اهڙي واعظ ڪان) نفرت ڪرڻ لڳن ٿيون ۽ جڏهين انهن (بتن) جو جيڪي خدا جي مقابلي ۾ بلڪل حقير آهن ذڪر ڪيو وڃي ٿو تہ اهي هڪدم خوش ٿيڻ لڳن ٿا.

قُلِ اللّٰهُمَّ فَاطِرَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ عٰلِمَ الْغَيْبِ
وَالشَّهَادَةِ اَنْتَ تَحْكُمُ بَيْنَ عِبَادِكَ فِيْ مَا كَانُوْا

۴۷. تون چؤ اي الله! (اي) آسمانن ۽ زمين کي پيدا ڪرڻ وارا غيب ۽ ظاهر جو علم رکڻ وارا! تون ئي پنهن جن ٻانهن جي وچ انهن

فِيْهِ يَخْتَلِفُوْنَ ﴿٤٦﴾

سيني شين جو فيصلو ڪرڻ وارو آهين جن ۾ اهي اختلاف ڪن ٿا.

وَلَوْ اَنَّ لِلَّذِيْنَ ظَلَمُوْا مَا فِي الْاَرْضِ جَمِيْعًا وَّمِثْلَهٗ مَعَهٗ لَافْتَدَوْا بِهٖ مِنْ سُوْٓءِ الْعَذَابِ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ ۭ وَبَدَا لَهُمْ مِّنَ اللّٰهِ مَا لَمْ يَكُوْنُوْا يَحْتَسِبُوْنَ ﴿٤٧﴾

٤٨. ۽ جيڪڏهين ظالم ماڻهو زمين ۾ جيڪي ڪي آهي انهيءَ جا مالڪ هجن ها ۽ ايترو ٻيو انهن وٽ هجي ها ته اهو قيامت جي ڏينهن عذاب کان بچڻ جي لاءِ انهيءَ کي فديي جي طور تي ڏيئي ڇڏين ها ۽ الله جي طرفان انهن تي اهو ڪجهه ظاهر ٿي ويندو جنهن جو اهي گمان به نه رکندا هئا.

وَبَدَا لَهُمْ سَيِّاٰتُ مَا كَسَبُوْا وَحَاقَ بِهِمْ مَّا كَانُوْا بِهٖ يَسْتَهْزِءُوْنَ ﴿٤٨﴾

٤٩. ۽ انهن تي انهن جي عملن جون برايون ظاهر ٿي وينديون ۽ جنهن عذاب تي اهي کلندا هئا (اهو به) انهن کي هر طرف کان گهيري وٺندو.

فَاِذَا مَسَّ الْاِنْسَانَ ضُرٌّ دَعَانَا ۡ ثُمَّ اِذَا خَوَّلْنٰهُ نِعْمَةً مِّنَّا ۙ قَالَ اِنَّمَآ اُوْتِيْتُهٗ عَلٰي عِلْمٍ ۭ بَلْ هِيَ فِتْنَةٌ وَّلٰكِنَّ اَكْثَرَهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿٤٩﴾

٥٠. ۽ جڏهين انسان کي ڪو نقصان پهچي ٿو ته اهو اسانکي پڪارڻ لڳي ٿو - پوءِ جڏهين اسان انهيءَ کي پنهن جي طرفان ڪا نعمت ڏيون ٿا ته هو چوي ٿو مونکي اها نعمت پنهن جي علم جي سببان ملي آهي (اهو درست ڪونهي) پر انهيءَ جو ملڻ هڪ آزمائش آهي پر انهن مان اڪثر نٿا ڄاڻن.

قَدْ قَالَهَا الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ فَمَآ اَغْنٰى عَنْهُمْ مَّا كَانُوْا يَكْسِبُوْنَ ﴿٥٠﴾

٥١. اها ئي (ڳالهه) انهن کان پهريان ماڻهون به چئي چڪا آهن - تڏهين به انهن جا عمل انهن جي ڪم نه آيا.

فَاَصَابَهُمْ سَيِّاٰتُ مَا كَسَبُوْا ۭ وَالَّذِيْنَ ظَلَمُوْا مِنْ هٰٓؤُلَاۗءِ سَيُصِيْبُهُمْ سَيِّاٰتُ مَا كَسَبُوْا ۙ وَمَا هُمْ بِمُعْجِزِيْنَ ﴿٥١﴾

٥٢. بلڪ انهن جي عملن جي بدين (جي جزا) انهن کي اچي پڪڙيو ۽ هن زماني جي ماڻهن مان جيڪي ظالم آهن انهن کي به انهن جي عملن جون بديون پڪڙينديون ۽ اهي خدا کي انهيءَ جي ارادي کان روڪي نه سگهندا.

اَوَلَمْ يَعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ يَبْسُطُ الرِّزْقَ لِمَنْ يَّشَاۗءُ وَيَقْدِرُ ۭ

٥٣. ڇا انهن کي معلوم آهي ته الله جنهن

إِنَّ فِي ذَٰلِكَ لَآيَاتٍ لِّقَوْمٍ يُؤْمِنُونَ ﴿٥٣﴾ ع ٤

لاءِ چاهي ٿو رزق ۾ ڪشادگي ڏئي ٿو ۽ (جنهن جي لاءِ چاهي ٿو رزق ۾) تنگي ڪري ڇڏي ٿو ۽ انهيءَ ۾ مومن قوم جي لاءِ وڏا نشان آهن.

قُلْ يَا عِبَادِيَ الَّذِينَ أَسْرَفُوا عَلَىٰ أَنفُسِهِمْ لَا تَقْنَطُوا مِن رَّحْمَةِ اللَّهِ ۚ إِنَّ اللَّهَ يَغْفِرُ الذُّنُوبَ جَمِيعًا ۚ إِنَّهُ هُوَ الْغَفُورُ الرَّحِيمُ ﴿٥٤﴾

٥٤. تون (انهن کي اسانجي طرفان) چؤ اي منهنجا ٻانهوا جن پنهنجي جان تي (گناهه ڪري) ظلم ڪيو آهي الله جي رحمت کان مايوس نه ٿيو. الله سڀ گناهه بخشي ڇڏي ٿو. اهو بخشڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي.

وَأَنِيبُوا إِلَىٰ رَبِّكُمْ وَأَسْلِمُوا لَهُ مِن قَبْلِ أَن يَأْتِيَكُمُ الْعَذَابُ ثُمَّ لَا تُنصَرُونَ ﴿٥٥﴾

٥٥. ۽ توهان سڀئي پنهنجي رب جي طرف جهڪو ۽ انهيءَ کان اڳ جو توهان تي اهڙو عذاب نازل ٿئي جنهن جي نازل ٿيڻ کانپوءِ توهانجي مدد لاءِ ڪو پهچي نه سگهي انهيءَ جا پورا فرمانبردار بڻجي وڃو.

وَاتَّبِعُوا أَحْسَنَ مَا أُنزِلَ إِلَيْكُم مِّن رَّبِّكُم مِّن قَبْلِ أَن يَأْتِيَكُمُ الْعَذَابُ بَغْتَةً وَأَنتُمْ لَا تَشْعُرُونَ ﴿٥٦﴾

٥٦. ۽ جيڪي ڪي توهان جي لاءِ لٿو آهي انهيءَ مان (پنهنجي حال مطابق) سڀ کان بهتر حڪم جي پيروي ڪيو انهيءَ کان اڳ جو توهانتي اوچتو عذاب اچي وڃي ۽ توهان ڄاڻندا به نه هجو.

أَن تَقُولَ نَفْسٌ يَا حَسْرَتَىٰ عَلَىٰ مَا فَرَّطتُ فِي جَنبِ اللَّهِ وَإِن كُنتُ لَمِنَ السَّاخِرِينَ ﴿٥٧﴾

٥٧. ته ائين نه ٿئي جو توهان مان ڪو شخص ائين چوڻ لڳي ته جيڪي ڪي الله جي باري ۾ مون ڪمي ڪئي آهي انهيءَ سببان مونتي افسوس! ۽ مان ته (وحي الاهيءَ کي) حقير سمجهندو رهيو هوس.

أَوْ تَقُولَ لَوْ أَنَّ اللَّهَ هَدَانِي لَكُنتُ مِنَ الْمُتَّقِينَ ﴿٥٨﴾

٥٨. يا (ڪو) ائين چوڻ لڳي ته جيڪڏهين الله مونکي (زوريءَ) هدايت ڏيئي ڇڏي ها ته مان به متقين مان ٿي پوان ها.

أَوْ تَقُولَ حِينَ تَرَى الْعَذَابَ لَوْ أَنَّ لِي كَرَّةً فَأَكُونَ

٥٩. يا جڏهين عذاب کي ڏسي ته چوڻ لڳي ته جيڪڏهين مونکي واپس وڃڻ جو موقعو

مِنَ الْمُحْسِنِيْنَ ۝۵۹

ملي ها تہ مان محسنن ۾ شامل ٿي وڃان ها.

بَلٰى قَدْ جَآءَتْكَ اٰيٰتِيْ فَكَذَّبْتَ بِهَا وَاسْتَكْبَرْتَ وَكُنْتَ مِنَ الْكٰفِرِيْنَ ۝۶۰

٦٠- (ائين) هرگز نہ (ٿي سگهي) پر تو وٽ اسانجون نشانيون اچي چڪيون هيون پوءِ بہ تو انهن جو انڪار ڪيو تڪبر سان پيش آئين ۽ ڪافرن ۾ شامل ٿي وئين.

وَيَوْمَ الْقِيٰمَةِ تَرَى الَّذِيْنَ كَذَبُوْا عَلَى اللّٰهِ وُجُوْهُهُمْ مُّسْوَدَّةٌ ؕ اَلَيْسَ فِيْ جَهَنَّمَ مَثْوًى لِّلْمُتَكَبِّرِيْنَ ۝۶۱

٦١- ۽ قيامت جي ڏينهن تون انهن ماڻهن کي ڏسندين جن الله تي ڪوڙ ٻڌو. تہ انهن جا منهن ڪارا هوندا ڇا متڪبرن جي جاءِ جهنم ۾ نہ آهي؟

وَيُنَجِّي اللّٰهُ الَّذِيْنَ اتَّقَوْا بِمَفَازَتِهِمْ ۫ لَا يَمَسُّهُمُ السُّوْٓءُ وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ۝۶۲

٦٢- ۽ (الله) متقين کي انهن جي شان جي مطابق ڪاميابي عطا ڪري هر قسم جي غم کان نجات بخشيندو نہ تہ تڪليف انهن کي پهچندي ۽ نہ اهي (ڪنهن گذريل ڪوتاهي تي) غم ڪندا.

اَللّٰهُ خَالِقُ كُلِّ شَيْءٍ ۫ وَّهُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ وَّكِيْلٌ ۝۶۳

٦٣- الله هر شيءِ جو پيدا ڪرڻ وارو آهي ۽ اهو هر هڪ ڪم جي لاءِ ڪافي آهي.

لَهٗ مَقَالِيْدُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِاٰيٰتِ اللّٰهِ اُولٰٓئِكَ هُمُ الْخٰسِرُوْنَ ۝۶۴ ع

٦٤- آسمانن ۽ زمين جون ڪنجيون انهيءَ جي هٿ ۾ آهن ۽ جيڪي ماڻهو الله جي آيتن جو انڪار ڪن ٿا اهي ئي گهاٽي ۾ پون ٿا.

قُلْ اَفَغَيْرَ اللّٰهِ تَاْمُرُوْٓنِّيْٓ اَعْبُدُ اَيُّهَا الْجٰهِلُوْنَ ۝۶۵

٦٥- تون چؤ اي جاهلو! ڇا توهان مونکي حڪم ڏيو ٿا تہ الله کانسواءِ مان ڪنهن ٻي (هستيءَ) جي عبادت ڪيان.

وَلَقَدْ اُوْحِيَ اِلَيْكَ وَاِلَى الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِكَ ۚ لَئِنْ اَشْرَكْتَ لَيَحْبَطَنَّ عَمَلُكَ وَلَتَكُوْنَنَّ مِنَ الْخٰسِرِيْنَ ۝۶۶

٦٦- حالانڪ خود خدا جي طرفان تو ڏانهن ۽ توکان پهرين (نبين) ڏانهن وحي ڪئي ويئي (۽ هر هڪ نبيءَ کي چيو ويو هو تہ) جيڪڏهين تون شرڪ ڪندين تہ تنهن جا سڀ عمل ضايع ٿي ويندا ۽ تون انهن ماڻهن مان ٿي ويندين جيڪي گهاٽي ۾ پئجي وڃن ٿا.

بَلِ اللّٰهَ فَاعْبُدْ وَكُنْ مِّنَ الشّٰكِرِيْنَ ﴿٦٧﴾

٦٧. (پوءِ ائين نـه ڪر) پر الله جي عبادت ڪر ۽ شڪر گذار ٻانهن ۾ شامل ٿي وڃ.

وَمَا قَدَرُوا اللّٰهَ حَقَّ قَدْرِهٖ ۖ وَالْاَرْضُ جَمِيْعًا
قَبْضَتُهٗ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ وَالسَّمٰوٰتُ مَطْوِيّٰتٌۢ بِيَمِيْنِهٖ ؕ
سُبْحٰنَهٗ وَتَعٰلٰى عَمَّا يُشْرِكُوْنَ ﴿٦٨﴾

٦٨. ۽ انهن ماڻهن الله جي صفتن جو صحيح اندازو نـه لڳايو آهي حالانڪ زمين سموري سندس قبضي ۾ آهي ۽ آسمان (۽ زمين ٻئي) قيامت جي ڏينهن انهيءَ جي ساڄي هٿ ۾ ويڙهيل هوندا اهو پاڪ آهي ۽ انهن جي شرڪ وارن عقيدن کان گهڻو مٿي آهي.

وَنُفِخَ فِي الصُّوْرِ فَصَعِقَ مَنْ فِي السَّمٰوٰتِ وَمَنْ
فِي الْاَرْضِ اِلَّا مَنْ شَاۗءَ اللّٰهُ ۭ ثُمَّ نُفِخَ فِيْهِ اُخْرٰى
فَاِذَا هُمْ قِيَامٌ يَّنْظُرُوْنَ ﴿٦٩﴾

٦٩. ۽ بگل ۾ ڦوڪيو ويندو تـه آسمانن ۽ زمين ۾ جيڪي ڪي بـہ آهي انهيءَ تي هڪ بيهوشي ڇانئجي ويندي سواءِ انهيءَ (شخص) جي جنهن کي الله چاهيندو (تـه بچائي وٺي) وري ٻيو دفعو بگل ڦوڪيو ويندو ۽ اوچتو اهي سڀيئي (پنهن جي متعلق فيصلي جو) انتظار ڪندي اٿي بيهندا.

وَاَشْرَقَتِ الْاَرْضُ بِنُوْرِ رَبِّهَا وَوُضِعَ الْكِتٰبُ وَ
جِايْۗءَ بِالنَّبِيّٖنَ وَالشُّهَدَاۗءِ وَقُضِيَ بَيْنَهُمْ بِالْحَقِّ وَهُمْ لَا
يُظْلَمُوْنَ ﴿٧٠﴾

٧٠. ۽ زمين پنهن جي رب جي نور سان روشن ٿي ويندي ۽ ڪتاب سامهون رکيو ويندو ۽ نبين ۽ ٻين شاهدن کي حاضر ڪيو ويندو. وري انهن سڀني انسانن جي وچ ۾ پورو پورو سچائيءَ جي مطابق فيصلو ڪيو ويندو ۽ انهن تي ظلم نـه ڪيو ويندو.

وَوُفِّيَتْ كُلُّ نَفْسٍ مَّا عَمِلَتْ وَهُوَ
اَعْلَمُ بِمَا يَفْعَلُوْنَ ﴿٧١﴾ ع

٧١. ۽ هر نفس جيڪي ڪيو هوندو انهيءَ جي مطابق انهيءَ کي پورو پورو بدلو ڏنو ويندو ۽ اهو (الله) انهن جي عملن کان پوريءَ طرح واقف آهي.

وَسِيْقَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا اِلٰى جَهَنَّمَ زُمَرًا ۭ حَتّٰٓى اِذَا
جَاۗءُوْهَا فُتِحَتْ اَبْوَابُهَا وَقَالَ لَهُمْ خَزَنَتُهَآ اَلَمْ
يَاْتِكُمْ رُسُلٌ مِّنْكُمْ يَتْلُوْنَ عَلَيْكُمْ اٰيٰتِ رَبِّكُمْ
وَيُنْذِرُوْنَكُمْ لِقَاۗءَ يَوْمِكُمْ هٰذَا ۭ قَالُوْا بَلٰى وَلٰكِنْ

٧٢. ۽ ڪافرن کي جهنم ڏانهن ٽولا ٽولا ڪري ڌڪيو ويندو ايستائين جو جڏهن اهي انهيءَ وٽ پهچي ويندا تـه انهيءَ جا دروازا کوليا ويندا ۽ انهن (ڪافرن) کي انهيءَ (دوزخ) جا داروغا چوندا. ڇا توهان وٽ

حَقَّتْ كَلِمَةُ الْعَذَابِ عَلَى الْكٰفِرِيْنَ ﴿٧١﴾

توهانجي ني قوم مان رسول نہ آيا هئا جيڪي توهانجي سامهون توهانجي رب جون آيتون پڙهي ٻڌائيندا هئا ۽ اجوڪي ڏينهن جي ملاقات کان توهانکي هوشيار ڪندا هئا؟ اهي چوندا هائو! ائين ٿيو هو - پر ڪافرن تي عذاب جي پيشگوئي پوري ٿيڻي ئي هئي (يعني اسان ڪافر هئاسين اسان رسولن کي ڪيئن مڃي ٿي سگهياسين)

قِيْلَ ادْخُلُوْٓا اَبْوَابَ جَهَنَّمَ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا فَبِئْسَ مَثْوَى الْمُتَكَبِّرِيْنَ ﴿٧٢﴾

٧٢ انهن کي چيو ويندو تہ جهنم جي دروازن ۾ داخل ٿي وڃو اهڙيءَ صورت ۾ جو هڪ ڊگهو عرصو توهانکي انهيءَ ۾ رهڻو پوندو - پوءِ متڪبرن جو ٺڪاڻو ڏاڍو برو آهي.

وَسِيْقَ الَّذِيْنَ اتَّقَوْا رَبَّهُمْ اِلَى الْجَنَّةِ زُمَرًا ۭ حَتّٰٓى اِذَا جَاۗءُوْهَا وَفُتِحَتْ اَبْوَابُهَا وَقَالَ لَهُمْ خَزَنَتُهَا سَلٰمٌ عَلَيْكُمْ طِبْتُمْ فَادْخُلُوْهَا خٰلِدِيْنَ ﴿٧٣﴾

٧٤ ۽ جيڪي ماڻهو تقويٰ ڪندا هئا انهن کي جنت ڏانهن ٽولن جا ٽولا ڪري ڏڪي نيو ويندو - ايستائين جو جڏهين اهي جنت تائين پهچي ويندا تہ انهيءَ جا دروازا کوليا ويندا ۽ انهيءَ جا داروغا انهن کي چوندا توهانتي هميشه سلامتي هجي توهان ڏاڍي سٺي حالت کي پهتا آهيو - پوءِ انهيءَ (جنت) ۾ داخل ٿي وڃو انهيءَ فيصلي سان تہ توهان هميشه انهيءَ ۾ رهندؤ.

وَقَالُوا الْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْ صَدَقَنَا وَعْدَهٗ وَاَوْرَثَنَا الْاَرْضَ نَتَبَوَّاُ مِنَ الْجَنَّةِ حَيْثُ نَشَاۗءُ ۚ فَنِعْمَ اَجْرُ الْعٰمِلِيْنَ ﴿٧٤﴾

٧٥ ۽ اهي چوندا. الله جي سموري تعريف آهي جنهن اسان سان پنهن جو واعدو پورو ڪري ڇڏيو ۽ هن جڳهہ جو اسانکي وارث بڻائي ڇڏيائين اسان جنت ۾ جتي چاهينداسين رهنداسين سو (ثابت ٿيو تہ) پوريءَ طرح عمل ڪرڻ وارن جو انعام ڏاڍو سٺو ٿيندو آهي.

وَتَرَى الْمَلٰۗىِٕكَةَ حَاۗفِّيْنَ مِنْ حَوْلِ الْعَرْشِ يُسَبِّحُوْنَ

٧٦ ۽ تون انهيءَ ڏينهن ملائڪن کي

بِحَمْدِ رَبِّهِمْ ۚ وَقُضِيَ بَيْنَهُمْ بِالْحَقِّ وَقِيلَ الْحَمْدُ لِلَّهِ رَبِّ الْعٰلَمِينَ ﴿٧٥﴾

ڏسندين تہ عرش جي چوڌاري حلقو ٻڌيو پنهن جي رب جي حمد سان گڏ تسبيح بہ ڪري رهيا آهن ۽ انهن (ماڻهن) جي وچ ۾ پوري انصاف سان فيصلو ڪيو ويندو ۽ چيو ويندو تہ سڀ تعريف الله ئي کي حاصل آهي جيڪو سڀني جهانن جو رب آهي.

## سُوْرَةُ الْمُؤْمِنِ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ مَعَ الْبَسْمَلَةِ سِتٌّ وَّثَمَانُوْنَ اٰيَةً وَّتِسْعَةُ رُكُوْعَاتٍ

سورت مومن - هيءَ سورت مڪي آهي ۽ بسم الله سميت هن جون ڇهاسي آيتون ۽ نو رڪوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ①

١- (مان) الله جو نالو وٺي جيڪو بيحد ڪرم ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي (پڙهانٿو)

حٰمٓ ②

٢- هيءَ سورت خدا جي حمد ۽ انهيءَ جي بزرگيءَ کي ثابت ڪري ٿي.

تَنْزِيْلُ الْكِتٰبِ مِنَ اللّٰهِ الْعَزِيْزِ الْعَلِيْمِ ③

٣- هيءَ ڪتاب غالب (۽) علم واري الله جي طرفان نازل ٿيو آهي.

غَافِرِ الذَّنْبِ وَقَابِلِ التَّوْبِ شَدِيْدِ الْعِقَابِ ذِي الطَّوْلِ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ اِلَيْهِ الْمَصِيْرُ ④

٤- جيڪو گناهن کي بخشڻ وارو آهي ۽ توبهن قبول ڪرڻ وارو آهي (۽ انهيءَ سبب ڪري حمد جو مستحق آهي) سزا ڏيڻ ۾ سخت آهي وڏا احسان ڪرڻ وارو آهي. انهيءَ کانسواءِ ڪوبہ معبود ڪونهي. انهيءَ ڏانهن ني موٽي وڃڻو آهي.

مَا يُجَادِلُ فِيْٓ اٰيٰتِ اللّٰهِ اِلَّا الَّذِيْنَ كَفَرُوْا فَلَا يَغْرُرْكَ تَقَلُّبُهُمْ فِي الْبِلَادِ ⑤

٥- ڪافرن کانسواءِ الله جي آيتن جي متعلق ڪوبہ شخص تڪرار وارو بحث نٿو ڪري پوءِ انهن جو متخلف ملڪن ۾ (تجارت وغيره لاءِ آزاديءَ سان) گهمندو رهڻ توکي دوکي ۾ نہ وجهي (ڇو جو انهن جا عمل انهن جي ٿي تباهيءَ جو باعث آهن)

كَذَّبَتْ قَبْلَهُمْ قَوْمُ نُوْحٍ وَّالْاَحْزَابُ مِنْۢ بَعْدِهِمْ وَهَمَّتْ كُلُّ اُمَّةٍۢ بِرَسُوْلِهِمْ لِيَاْخُذُوْهُ وَجٰدَلُوْا بِالْبَاطِلِ لِيُدْحِضُوْا بِهِ الْحَقَّ فَاَخَذْتُهُمْ فَكَيْفَ كَانَ عِقَابِ ⑥

٦- انهن کان پهرين قومن بہ (پنهن جن رسولن جو) انڪار ڪيو هو. نوح جي قوم بہ ۽ انهن کانپوءِ ٻين متخلف قومن (جڏهن پنهن جن نبين جي خلاف جٿا ناهيا) ۽ هر ڪنهن قوم پنهن جي رسول جي متعلق ارادو ڪيو تہ انهيءَ کي گرفتار ڪن ۽ ڪوڙن

دليلن سان بحث ڪرڻ شروع ڪيو انهيءَ لاءِ تہ پنهن جي ڏنگي بحث سان حق کي انهيءَ جي مقام کان هٽائي ڇڏين - پوءِ مون انهن کي پڪڙي ورتو - هاڻي ٻڌايو منهن جي سزا ڪهڙي هئي.

وَكَذٰلِكَ حَقَّتْ كَلِمَتُ رَبِّكَ عَلَى الَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا اَنَّهُمْ اَصْحٰبُ النَّارِ ۝٧

٧ ۽ اهڙيءَ طرح تنهن جي رب جو فيصلو ڪافرن جي متعلق پورو ٿي ويو (يعني اهو) تہ اهي دوزخي آهن.

اَلَّذِيْنَ يَحْمِلُوْنَ الْعَرْشَ وَمَنْ حَوْلَهٗ يُسَبِّحُوْنَ بِحَمْدِ رَبِّهِمْ وَيُؤْمِنُوْنَ بِهٖ وَيَسْتَغْفِرُوْنَ لِلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا ۚ رَبَّنَا وَسِعْتَ كُلَّ شَيْءٍ رَّحْمَةً وَّعِلْمًا فَاغْفِرْ لِلَّذِيْنَ تَابُوْا وَاتَّبَعُوْا سَبِيْلَكَ وَقِهِمْ عَذَابَ الْجَحِيْمِ ۝٨

٨ـ اهي فرشتا جيڪي عرش کي کڻيو بيٺا آهن ۽ جيڪي انهيءَ جي چوڌاري آهن اهي پنهن جي رب جي تعريف سان گڏوگڏ انهيءَ جي پاڪائي بہ بيان ڪن ٿا ۽ انهيءَ (حمد) تي پورو ايمان رکن ٿا ۽ مومنن جي لاءِ استغفار ڪن ٿا (۽ چون ٿا) اي اسانجا رب! هر هڪ شيءِ جو تو پنهن جي رحمت ۽ علم سان گهيرو ڪيو آهي پوءِ توبهہ ڪرڻ وارن کي ۽ پنهن جي رستي تي هلڻ وارن کي معاف فرماءِ ۽ انهن کي دوزخ جي عذاب کان بچاءِ.

رَبَّنَا وَاَدْخِلْهُمْ جَنّٰتِ عَدْنِ ِۨالَّتِيْ وَعَدْتَّهُمْ وَمَنْ صَلَحَ مِنْ اٰبَآئِهِمْ وَاَزْوَاجِهِمْ وَذُرِّيّٰتِهِمْ ۗ اِنَّكَ اَنْتَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ۝٩

٩ـ اي اسانجا رب! انهن کي ۽ انهن جي ابن ڏاڏن ۽ انهن جي زالن ۽ انهن جي اولاد مان جيڪي نيڪ هجن انهن کي دائمي جنتن ۾ داخل ڪر- جن جو تو انهن سان واعدو ڪيو آهي تون غالب (۽) وڏي حڪمت وارو آهين.

وَقِهِمُ السَّيِّاٰتِ ۗ وَمَنْ تَقِ السَّيِّاٰتِ يَوْمَئِذٍ فَقَدْ رَحِمْتَهٗ ۗ وَذٰلِكَ هُوَ الْفَوْزُ الْعَظِيْمُ ۝١٠ ع

١٠ـ ۽ تون انهن کي سڀني تڪليفن کان بچاءِ. ۽ جنهن کي تون انهيءَ ڏينهن تڪليف کان محفوظ رکين تہ يقينن تو انهيءَ تي رحم ڪيو - ۽ اها وڏي ڪاميابي آهي.

اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا يُنَادَوْنَ لَمَقْتُ اللّٰهِ اَكْبَرُ

١١ـ ۽ ڪافرن کي يقينن (موت کانپوءِ) چيو ويندو تہ اڄ توهان جيترو پنهن جي جانين کي

مِنْ مَّقْتِكُمْ اَنْفُسَكُمْ اِذْ تُدْعَوْنَ اِلَى الْاِيْمَانِ فَتَكْفُرُوْنَ ﴿۱۰﴾

نفرت جي نگاهہ سان ڏسو ٿا الله جي نفرت (جيڪا اهو توهان سان ڪري ٿو) انهيءَ ڪان زيادهہ آهي (ياد ڪيو) جڏهين توهان کي ايمان جي طرف پڪاريو ويندو هو تہ توهان ڪفر ڪندا هئا.

قَالُوْا رَبَّنَآ اَمَتَّنَا اثْنَتَيْنِ وَاَحْيَيْتَنَا اثْنَتَيْنِ فَاعْتَرَفْنَا بِذُنُوْبِنَا فَهَلْ اِلٰى خُرُوْجٍ مِّنْ سَبِيْلٍ ﴿۱۱﴾

۱۲- اهي چوندا تہ اي اسانجا رب! تو اسانکي ٻہ دفعا ماريو ۽ ٻہ دفعا زندهہ ڪيو - سو اسان پنهن جن خطائن جو اقرار ڪيون ٿا - پوءِ (تون ٻڌاءِ تہ) هاڻي (انهيءَ پڪڙ کان) نڪرڻ جي ڪا صورت بہ آهي.

ذٰلِكُمْ بِاَنَّهٗٓ اِذَا دُعِيَ اللّٰهُ وَحْدَهٗ كَفَرْتُمْ وَاِنْ يُّشْرَكْ بِهٖ تُؤْمِنُوْا فَالْحُكْمُ لِلّٰهِ الْعَلِيِّ الْكَبِيْرِ ﴿۱۲﴾

۱۳- توهانجو اهو حال انهيءَ ڪري آهي جو جڏهين صرف الله کي پڪاريو ويندو هو تہ توهان انڪار ڪري ڇڏيندا هئا ۽ جڏهين انهيءَ جو ڪو شريڪ مقرر ڪيو ويندو هو تہ توهان ايمان آڻيندا هئا پوءِ (اڄ ثابت ٿي ويو تہ) سڀ حڪومت عاليشان ڪشادي بادشاهت واري الله جي ئي آهي.

هُوَ الَّذِيْ يُرِيْكُمْ اٰيٰتِهٖ وَيُنَزِّلُ لَكُمْ مِّنَ السَّمَآءِ رِزْقًا ۭ وَمَا يَتَذَكَّرُ اِلَّا مَنْ يُّنِيْبُ ﴿۱۳﴾

۱۴- اهو ئي توهان کي پنهن جا نشان ڏيکاريٿو ۽ آسمانن مان توهان جي لاءِ رزق لاهي ٿو ۽ نصيحت صرف اهوئي حاصل ڪري ٿو جيڪو خدا جي طرف جهڪي ٿو.

فَادْعُوا اللّٰهَ مُخْلِصِيْنَ لَهُ الدِّيْنَ وَلَوْ كَرِهَ الْكٰفِرُوْنَ ﴿۱۴﴾

۱۵- پوءِ پنهن جي اطاعت کي خالص انهيءَ جي لاءِ ڪندي الله کي پڪاريو خواهہ ڪافر انهيءَ کي ناپسند ئي ڪن.

رَفِيْعُ الدَّرَجٰتِ ذُو الْعَرْشِ ۚ يُلْقِي الرُّوْحَ مِنْ اَمْرِهٖ عَلٰي مَنْ يَّشَاۗءُ مِنْ عِبَادِهٖ لِيُنْذِرَ يَوْمَ التَّلَاقِ ﴿۱۵﴾

۱۶- (هو) اوچي درجي وارو (آهي) عرش جو مالڪ آهي پنهن جي حڪم سان پنهن جن ٻانهن مان جنهن تي چاهيٿو پنهن جو ڪلام نازل ڪري ٿو انهيءَ لاءِ تہ اهو (ٻندو خدا جي) ملاقات جي ڏينهن کان ماڻهن کي ڊيڄاري.

يَوْمَ هُم بٰرِزُوْنَ ۚ لَا يَخْفٰى عَلَى اللّٰهِ مِنْهُمْ
شَيْءٌ ؕ لِمَنِ الْمُلْكُ الْيَوْمَ ؕ لِلّٰهِ الْوَاحِدِ الْقَهَّارِ ﴿١٧﴾

١٧۔ جنهن ڏينهن اهي سڀيئي ماڻهو خدا جي سامهون اچي حاضر ٿيندا ـ انهن جي ڪابہ شيءِ الله کان ڳجهي نہ هوندي. انهيءَ ڏينهن بادشاهت ڪنهن کي حاصل هوندي؟ (صرف) الله کي جيڪو اڪيلو آهي (۽) سڀني تي غالب آهي.

اَلْيَوْمَ تُجْزٰى كُلُّ نَفْسٍۢ بِمَا كَسَبَتْ ؕ لَا ظُلْمَ
الْيَوْمَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ سَرِيْعُ الْحِسَابِ ﴿١٨﴾

١٨۔ انهيءَ ڏينهن هر جان کي انهيءَ جي عمل جي جزا ڏني ويندي (۽) انهيءَ ڏينهن ڪنهن بہ قسم جو ظلم نہ ٿيندو ـ الله ڏاڍو جلدي حساب وٺي ٿو.

وَاَنْذِرْهُمْ يَوْمَ الْاٰزِفَةِ اِذِ الْقُلُوْبُ لَدَى
الْحَنَاجِرِ كٰظِمِيْنَ ؕ مَا لِلظّٰلِمِيْنَ مِنْ حَمِيْمٍ
وَّلَا شَفِيْعٍ يُّطَاعُ ﴿١٩﴾

١٩۔ ۽ تون انهن کي انهيءَ ڏينهن کان ڊيڄار جيڪو ويجهي کان ويجهو ٿيندو ٿو وڃي جڏهن دليون غم سان ڀريل (هونديون ۽) منهن تائين اچي ويندیون ـ ظالمن جو انهيءَ ڏينهن نہ ڪو دوست هوندو نہ ڪو شفيع (هوندو) جنهن جي ڳالهہ مڃي وڃي.

يَعْلَمُ خَآئِنَةَ الْاَعْيُنِ وَمَا تُخْفِى الصُّدُوْرُ ﴿٢٠﴾

٢٠۔ الله اکين جي خيانت کي بہ ڄاڻي ٿو ۽ انهيءَ کي بہ جيڪا سيني ۾ دل ۾ لڪايو وينا آهن.

وَاللّٰهُ يَقْضِىْ بِالْحَقِّ ؕ وَالَّذِيْنَ يَدْعُوْنَ مِنْ
دُوْنِهٖ لَا يَقْضُوْنَ بِشَيْءٍ ؕ اِنَّ اللّٰهَ هُوَ السَّمِيْعُ
الْبَصِيْرُ ﴿٢١﴾ ع ٢

٢١۔ ۽ الله هميشہ انصاف جي مطابق فيصلو ڪري ٿو ۽ جن کي اهي ماڻهو خدا کانسواءِ پڪارين ٿا سي ڪوبہ فيصلو نہ ٿا ڪن. الله يقينن ڏاڍو ٻڌڻ وارو (۽) ڏاڍو ڏسڻ وارو آهي.

اَوَلَمْ يَسِيْرُوْا فِى الْاَرْضِ فَيَنْظُرُوْا كَيْفَ
كَانَ عَاقِبَةُ الَّذِيْنَ كَانُوْا مِنْ قَبْلِهِمْ ؕ كَانُوْا هُمْ اَشَدَّ
مِنْهُمْ قُوَّةً وَّاٰثَارًا فِى الْاَرْضِ فَاَخَذَهُمُ اللّٰهُ بِذُنُوْبِهِمْ ؕ
وَمَا كَانَ لَهُمْ مِّنَ اللّٰهِ مِنْ وَّاقٍ ﴿٢٢﴾

٢٢۔ ڇا اهي ماڻهو زمين ۾ نہ گهميا آهن جو ڏسن ها تہ انهن کان پهرين ماڻهن جي ڪهڙي پڇاڙي ٿي هئي؟ اهي ماڻهو انهن کان طاقت ۽ پوئتي ڇڏيل نشانن جي لحاظ کان وڌا هئا۔ سو الله انهن کي انهن جي گناهن جي سببان تباهہ ڪري ڇڏيو ۽ ڪوبہ الله

جي پڪڙ کان انهن کي بچائڻ وارو پيدا نه ٿيو.

ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ كَانَتْ تَّاْتِيْهِمْ رُسُلُهُمْ بِالْبَيِّنٰتِ فَكَفَرُوْا فَاَخَذَهُمُ اللّٰهُ ۗ اِنَّهٗ قَوِيٌّ شَدِيْدُ الْعِقَابِ ﴿٢٣﴾

٢٣. اها (بي وسي) انهيءَ سبب ڪري هئي جو انهن وٽ انهن جا رسول نشان کڻي ايندا رهيا ۽ انهن (هميشه) انڪار کان ڪم ورتو پوءِ الله به انهن کي تباهه ڪري ڇڏيو. هو وڏو طاقتور آهي (۽) انهيءَ جو عذاب سخت آهي.

وَلَقَدْ اَرْسَلْنَا مُوْسٰى بِاٰيٰتِنَا وَسُلْطٰنٍ مُّبِيْنٍ ﴿٢٤﴾ اِلٰى فِرْعَوْنَ وَهَامٰنَ وَقَارُوْنَ فَقَالُوْا سٰحِرٌ كَذَّابٌ ﴿٢٥﴾

٢٤. ٢٥. ۽ اسان موسيٰ کي به پنهنجن نشانن سان ۽ ظاهر ظهور غلبي سان.

فرعون ۽ هامان ۽ قارون ڏانهن موڪليو هو پر انهن چيو هي شخص ڏوکي ڏيڻ وارو (۽) ڪوڙو آهي.

فَلَمَّا جَآءَهُمْ بِالْحَقِّ مِنْ عِنْدِنَا قَالُوا اقْتُلُوْٓا اَبْنَآءَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مَعَهٗ وَاسْتَحْيُوْا نِسَآءَهُمْ ۗ وَمَا كَيْدُ الْكٰفِرِيْنَ اِلَّا فِيْ ضَلٰلٍ ﴿٢٦﴾

٢٦. پوءِ جڏهين اهو (موسيٰ) اسانجي طرفان حق وٺي انهن وٽ ويو ته انهن چيو ته جيڪي ماڻهو ايمان آڻي انهيءَ سان شامل ٿي ويا آهن. انهن جي پٽن کي ماري ڇڏيو. ۽ انهن جي عورتن کي زنده رکو ۽ ڪافرن جي تدبر هميشه ابتي ٿي پوندي آهي.

وَقَالَ فِرْعَوْنُ ذَرُوْنِيْٓ اَقْتُلْ مُوْسٰى وَلْيَدْعُ رَبَّهٗ ۚ اِنِّيْٓ اَخَافُ اَنْ يُّبَدِّلَ دِيْنَكُمْ اَوْ اَنْ يُّظْهِرَ فِي الْاَرْضِ الْفَسَادَ ﴿٢٧﴾

٢٧. ۽ فرعون چيو ته مونکي ڇڏيو ته مان موسيٰ کي قتل ڪيان ۽ گهرجي ته اهو پنهن جي رب کي پڪاري مان انهيءَ ڳالهه کان ڊڄانٿو ته اهو توهانجي دين کي بدلائي نه ڇڏي يا ملڪ ۾ ڪو فساد نه پيدا ڪري ڇڏي.

وَقَالَ مُوْسٰٓى اِنِّيْ عُذْتُ بِرَبِّيْ وَرَبِّكُمْ مِّنْ كُلِّ مُتَكَبِّرٍ لَّا يُؤْمِنُ بِيَوْمِ الْحِسَابِ ﴿٢٨﴾ ع

٢٨. (انهيءَ تي) موسيٰ چيو مان پنهن جي رب کان ۽ توهانجي رب کان هر ڪنهن متڪبر جي شرارت کان جيڪو حساب واري ڏينهن تي ايمان نٿو آڻي پناهه گهران ٿو.

وَقَالَ رَجُلٌ مُّؤْمِنٌ ۖ مِّنْ اٰلِ فِرْعَوْنَ يَكْتُمُ اِيْمَانَهٗٓ

٢٩. ۽ آل فرعون مان هڪ شخص جيڪو

اَتَقْتُلُوْنَ رَجُلًا اَنْ يَّقُوْلَ رَبِّيَ اللّٰهُ وَقَدْ جَآءَكُمْ
بِالْبَيِّنٰتِ مِنْ رَّبِّكُمْ ؕ وَاِنْ يَّكُ كَاذِبًا فَعَلَيْهِ
كَذِبُهٗ ۚ وَاِنْ يَّكُ صَادِقًا يُّصِبْكُمْ بَعْضُ الَّذِيْ
يَعِدُكُمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا يَهْدِيْ مَنْ هُوَ مُسْرِفٌ
كَذَّابٌ ۝۲۹

ايماندار هو پر پنهن جو ايمان لڪائيندو هو انهيءَ چيو اي انسانو! ڇا توهان هڪ ماڻهوءَ کي صرف انهيءَ ڪري ماريو ٿا جو هو چوي ٿو ته الله منهن جو رب آهي ۽ اهو توهانجي رب جي طرفان نشان به کڻي آيو آهي ۽ جيڪڏهين اهو ڪوڙو آهي ته انهيءَ جي ڪوڙ جو وبال انهيءَ تي پوندو ۽ جيڪڏهين اهو سچو آهي ته انهيءَ جون ڪيل ڪي (ڊيڄاريندڙ) پيشگويون توهانجي متعلق پوريون ٿي وينديون الله حد کان وڌي وڃڻ واري ۽ گهڻي ڪوڙ ڳالهائڻ واري کي ڪڏهين ڪامياب نٿو ڪري.

يٰقَوْمِ لَكُمُ الْمُلْكُ الْيَوْمَ ظٰهِرِيْنَ فِي الْاَرْضِ
فَمَنْ يَّنْصُرُنَا مِنْۢ بَاْسِ اللّٰهِ اِنْ جَآءَنَا ؕ قَالَ
فِرْعَوْنُ مَآ اُرِيْكُمْ اِلَّا مَآ اَرٰى وَمَآ اَهْدِيْكُمْ
اِلَّا سَبِيْلَ الرَّشَادِ ۝۳۰

۳۰. اي منهن جي قوم! اڄ توهانجي اهڙي حڪومت آهي جو توهان ملڪ تي غالب آهيو پوءِ ٻڌايو ته الله جي عذاب جي مقابلي ۾ جيڪڏهين اهو اسانتي نازل ٿي ويو ته اسانجي مدد ڪير ڪندو؟ فرعون چيو, مان توهانکي اهو ٻڌايانٿو جيڪو خود مونکي نيڪ نظر اچي ٿو ۽ مان توهانکي صرف هدايت جو رستو ٻڌايانٿو.

وَقَالَ الَّذِيْۤ اٰمَنَ يٰقَوْمِ اِنِّيْۤ اَخَافُ عَلَيْكُمْ مِّثْلَ
يَوْمِ الْاَحْزَابِ ۝۳۱

۳۱. ۽ اهو شخص جيڪو (در حقيقت) ايمان آڻي چڪو هو انهيءَ چيو ته اي منهن جي (قوم) گذريل وڏين وڏين قومن جي تباهي جي ڏينهن وانگر مان توهانجي تباهيءَ جي ڏينهن کان به ڊڄانٿو.

مِثْلَ دَاْبِ قَوْمِ نُوْحٍ وَّعَادٍ وَّثَمُوْدَ وَالَّذِيْنَ
مِنْۢ بَعْدِهِمْ ؕ وَمَا اللّٰهُ يُرِيْدُ ظُلْمًا لِّلْعِبَادِ ۝۳۲

۳۲. جيئن نوح جي قوم ۽ عاد ۽ ثمود تي گذريو ۽ جيڪي ماڻهو انهن کانپوءِ گذريا. ۽ الله پنهن جن ٻانهن تي ظلم ڪرڻ نٿو چاهي.

وَيٰقَوْمِ اِنِّيْۤ اَخَافُ عَلَيْكُمْ يَوْمَ التَّنَادِ ۝۳۳

۳۳. ۽ اي منهن جي قوم! مان توهانتي انهيءَ

ڏينهن کان ڊڄائڻو جنهن ڏينهن ماڻهو مدد جي لاءِ هڪ ٻئي کي پڪاريندا.

يَوْمَ تُوَلُّوْنَ مُدْبِرِيْنَ ۚ مَا لَكُمْ مِّنَ اللّٰهِ مِنْ عَاصِمٍ ۚ وَمَنْ يُّضْلِلِ اللّٰهُ فَمَا لَهٗ مِنْ هَادٍ ﴿٣٤﴾

٣٤- جنهن ڏينهن توهان پٺي ڦيرائي (خدائي لشڪرن جي اڳيان) ڀڄي ويندا ۽ الله جي مقابلي ۾ ڪوبه توهانکي بچائڻ وارو نه هوندو ۽ جنهن کي الله گمراهه ڪري ڇڏي انهيءَ کي ڪوبه هدايت نٿو ڏيئي سگهي.

وَلَقَدْ جَآءَكُمْ يُوْسُفُ مِنْ قَبْلُ بِالْبَيِّنٰتِ فَمَا زِلْتُمْ فِيْ شَكٍّ مِّمَّا جَآءَكُمْ بِهٖ ۭ حَتّٰٓى اِذَا هَلَكَ قُلْتُمْ لَنْ يَّبْعَثَ اللّٰهُ مِنْۢ بَعْدِهٖ رَسُوْلًا ۭ كَذٰلِكَ يُضِلُّ اللّٰهُ مَنْ هُوَ مُسْرِفٌ مُّرْتَابُۨ ﴿٣٥﴾

٣٥- ۽ يوسف هن کان پهرين دليلن سان توهان وٽ اچي چڪو آهي پر جيڪي ڪجهه توهان وٽ آندو هئائين توهان انهيءَ جي باري ۾ شڪ ۾ پئجي رهيا ايستائين جو جڏهين هو فوت ٿي ويو تہ توهان (مايوسيءَ کان) چوڻ شروع ڪيو تہ الله هن کانپوءِ ڪوبه رسول مبعوث نہ ڪندو اهڙيءَ طرح الله هر ڪنهن حد ٽپي وڃڻ واري (۽) شڪ ڪرڻ واري کي گمراهه قرار ڏئيندو.

الَّذِيْنَ يُجَادِلُوْنَ فِيْٓ اٰيٰتِ اللّٰهِ بِغَيْرِ سُلْطٰنٍ اَتٰىهُمْ ۭ كَبُرَ مَقْتًا عِنْدَ اللّٰهِ وَعِنْدَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا ۭ كَذٰلِكَ يَطْبَعُ اللّٰهُ عَلٰي كُلِّ قَلْبِ مُتَكَبِّرٍ جَبَّارٍ ﴿٣٦﴾

٣٦- جيڪي ماڻهو الله جي آيتن ۾ بغير ڪنهن دليل جي جيڪو انهن وٽ (الله جي طرفان) آيو هجي بحث ڪن ٿا (انهن کي معلوم هئڻ گهرجي تہ) اهو الله وٽ ۽ مومنن جي نظر ۾ ڏاڍو برو آهي اهڙيءَ طرح الله متڪبر انسان جي سڄي دل تي مهر لڳائي ڇڏيندو.

وَقَالَ فِرْعَوْنُ يٰهَامٰنُ ابْنِ لِيْ صَرْحًا لَّعَلِّيْٓ اَبْلُغُ الْاَسْبَابَ ﴿٣٧﴾

٣٧- ۽ فرعون چيو اي هامان! منهن جي لاءِ هڪ محل ٺهراءِ - انهيءَ لاءِ تہ مان انهن رستن تي وڃي پهچان.

اَسْبَابَ السَّمٰوٰتِ فَاَطَّلِعَ اِلٰٓى اِلٰهِ مُوْسٰى وَاِنِّيْ لَاَظُنُّهٗ كَاذِبًا ۭ وَكَذٰلِكَ زُيِّنَ لِفِرْعَوْنَ سُوْۗءُ عَمَلِهٖ وَصُدَّ عَنِ السَّبِيْلِ ۭ وَمَا كَيْدُ فِرْعَوْنَ اِلَّا فِيْ

٣٨- جيڪي آسمان جا رستا آهن ۽ اهڙيءَ طرح موسيٰ جي خدا کان آگاهه ٿي وڃان - جو جو مان انهيءَ کي ڪوڙو سمجهان ٿو ۽ اهڙيءَ طرح فرعون جي نظر ۾ انهيءَ جي

تَبَابٍ ﴿۳۷﴾

عملن جون بديون خوبصورت ڪري ڏيکاريون ويون ۽ اهو حقيقي رستي کان (پنهن جن نافرمانين جي سببان) روڪيو ويو هو ۽ فرعون جي تدبير ناڪاميءَ جي صورت ۾ ئي ظاهر ٿيڻ واري هئي.

وَقَالَ الَّذِيۡۤ اٰمَنَ يٰقَوۡمِ اتَّبِعُوۡنِ اَهۡدِكُمۡ سَبِيۡلَ الرَّشَادِ ﴿۳۸﴾

۳۹. ۽ اهو شخص جنهن ايمان آندو هو انهيءَ چيو اي منهن جي قوم! منهن جي تابعداري ڪيو مان توهانکي هدايت جو رستو ڏيکاريندس.

يٰقَوۡمِ اِنَّمَا هٰذِهِ الۡحَيٰوةُ الدُّنۡيَا مَتَاعٌ وَّاِنَّ الۡاٰخِرَةَ هِىَ دَارُ الۡقَرَارِ ﴿۳۹﴾

۴۰. اي منهن جي قوم! هي دنيوي زندگي صرف هڪ چند ڏينهن جو فائدو آهي ۽ اخروي زندگي ئي يقينن پائيدار ٺڪاڻو آهي.

مَنۡ عَمِلَ سَيِّئَةً فَلَا يُجۡزٰٓى اِلَّا مِثۡلَهَا ۚ وَمَنۡ عَمِلَ صَالِحًا مِّنۡ ذَكَرٍ اَوۡ اُنۡثٰى وَهُوَ مُؤۡمِنٌ فَاُولٰٓئِكَ يَدۡخُلُوۡنَ الۡجَنَّةَ يُرۡزَقُوۡنَ فِيۡهَا بِغَيۡرِ حِسَابٍ ﴿۴۰﴾

۴۱. جيڪو برو فعل ڪندو . انهيءَ کي انهيءَ جي مطابق نتيجو ملندو ۽ جيڪو ايمان جي مطابق عمل ڪندو خواهہ مرد هجي يا عورت، بشرطيڪ اهو ايمان ۾ سچو هجي اهو ۽ انهيءَ جا ساٿي جنت ۾ داخل ٿيندا ۽ انهن کي انهيءَ ۾ بغير حساب جي انعام ڏنو ويندو.

وَيٰقَوۡمِ مَا لِىۡۤ اَدۡعُوۡكُمۡ اِلَى النَّجٰوةِ وَتَدۡعُوۡنَنِىۡۤ اِلَى النَّارِ ﴿۴۱﴾

۴۲. ۽ اي منهن جي قوم! منهن جو بہ ڪهڙو عجيب حال آهي جو مان تہ توهانکي نجات جي طرف سڏيانٿو ۽ توهان مونکي دوزخ ڏانهن سڏيو ٿا.

تَدۡعُوۡنَنِىۡ لِاَكۡفُرَ بِاللّٰهِ وَاُشۡرِكَ بِهٖ مَا لَيۡسَ لِىۡ بِهٖ عِلۡمٌ وَّاَنَا اَدۡعُوۡكُمۡ اِلَى الۡعَزِيۡزِ الۡغَفَّارِ ﴿۴۲﴾

۴۳. توهان مونکي انهيءَ غرض لاءِ سڏيو ٿا تہ مان الله جو ڪفر ڪيان ۽ انهيءَ جو شريڪ انهن کي قرار ڏيان جن جي شريڪ هئڻ جي متعلق مونکي ڪوبہ علم ڪونهي ۽ مان توهانکي هڪ غالب (۽) بخشڻ واري هستيءَ جي طرف سڏيانٿو.

لَا جَرَمَ اَنَّمَا تَدۡعُوۡنَنِىۡۤ اِلَيۡهِ لَيۡسَ لَهٗ دَعۡوَةٌ فِى

۴۴. انهيءَ ۾ ڪوبہ شڪ ڪونهي جو توهان

الدُّنْيَا وَلَا فِي الْآخِرَةِ وَأَنَّ مَرَدَّنَا إِلَى اللَّهِ وَأَنَّ الْمُسْرِفِينَ هُمْ أَصْحَابُ النَّارِ ﴿٤٣﴾

مونکي انهيءَ هستيءَ ڏانهن سڏيو ٿا جنهن جو ڪو (اثرائتو) آواز نہ هن دنيا ۾ آهي نہ ايندڙ جهان ۾ (حقيقت هي آهي تہ) اسان سڀني کي الله ئي ڏانهن موٽي وڃڻو آهي ۽ هي بہ تہ حد کان ٻاهر وڃڻ وارا ماڻهو دوزخي آهن.

فَسَتَذْكُرُونَ مَا أَقُولُ لَكُمْ ۚ وَأُفَوِّضُ أَمْرِي إِلَى اللَّهِ ۚ إِنَّ اللَّهَ بَصِيرٌ بِالْعِبَادِ ﴿٤٤﴾

٤٥- پوءِ مان جيڪا توهانکي نصيحت ڪيانٿو انهيءَ کي توهان جلدي ياد ڪندا ۽ (مان تنهن جي ڌمڪين کان ڊڄان نہ ٿو) مان پنهن جو معاملو الله جي سپرد ڪيانٿو. الله يقينن (پنهنجن) ٻانهن جو نگران آهي.

فَوَقَاهُ اللَّهُ سَيِّئَاتِ مَا مَكَرُوا ۖ وَحَاقَ بِآلِ فِرْعَوْنَ سُوءُ الْعَذَابِ ﴿٤٥﴾

٤٦- انهيءَ تي الله انهيءَ (مومن شخص) کي انهن (ڪافرن) جي تدبيرن جي بد نتيجن کان بچائي ورتو ۽ آل فرعون کي دردناڪ عذاب چئني طرفن کان گهيري ورتو.

النَّارُ يُعْرَضُونَ عَلَيْهَا غُدُوًّا وَعَشِيًّا ۖ وَيَوْمَ تَقُومُ السَّاعَةُ أَدْخِلُوا آلَ فِرْعَوْنَ أَشَدَّ الْعَذَابِ ﴿٤٦﴾

٤٧- يعني باهہ جنهن جي سامهون اهي صبح ۽ شام پيش ڪيا وڃن ٿا ۽ جڏهين مقرر گهڙي ايندي (فرشتن کي چيو ويندو تہ) فرعون جي سائين کي سخت عذاب ۾ داخل ڪيو.

وَإِذْ يَتَحَاجُّونَ فِي النَّارِ فَيَقُولُ الضُّعَفَاءُ لِلَّذِينَ اسْتَكْبَرُوا إِنَّا كُنَّا لَكُمْ تَبَعًا فَهَلْ أَنتُم مُّغْنُونَ عَنَّا نَصِيبًا مِّنَ النَّارِ ﴿٤٧﴾

٤٨- ۽ (انهيءَ وقت کي بہ ياد ڪيو) جڏهين (فرعون جا ساٿي) باهہ ۾ بحث ڪري رهيا هوندا ۽ انهن مان ڪمزور وڏن ماڻهن کي چئي رهيا هوندا تہ اسان توهانجا تابع هواسين پوءِ ڇا اڄ توهان اسانکي باهہ جي عذاب جي ڪنهن حصي کان بچائي سگهو ٿا ؟

قَالَ الَّذِينَ اسْتَكْبَرُوا إِنَّا كُلٌّ فِيهَا إِنَّ اللَّهَ قَدْ حَكَمَ بَيْنَ الْعِبَادِ ﴿٤٨﴾

٤٩- وڏا ماڻهو چوندا. اسان سڀ انهيءَ عذاب ۾ مبتلا آهيون ـ الله ٻانهن جن ٻانهن جي وچ ۾ جيڪو فيصلو ڪرڻو هو ڪري ڇڏيو.

وَقَالَ الَّذِيْنَ فِي النَّارِ لِخَزَنَةِ جَهَنَّمَ ادْعُوْا رَبَّكُمْ يُخَفِّفْ عَنَّا يَوْمًا مِّنَ الْعَذَابِ ﴿٥٠﴾

٥٠. ۽ دوزخي ماڻهو دوزخ جي داروغن کي چوندا، توهان پنهنجي رب کي پڪاريو تہ عذاب جو ڪجهہ وقت تہ اسان تان گهٽ ڪري.

قَالُوْٓا اَوَلَمْ تَكُ تَاْتِيْكُمْ رُسُلُكُمْ بِالْبَيِّنٰتِ ۭ قَالُوْا بَلٰى ۭ قَالُوْا فَادْعُوْا ۚ وَمَا دُعٰۗؤُا الْكٰفِرِيْنَ اِلَّا فِيْ ضَلٰلٍ ﴿٥١﴾ ع

٥١. اهي چوندا تہ ڇا توهان وٽ توهانجا رسول دليل کڻي نہ آيا هئا اهي چوندا تہ هائو - چو نہ؟ انهيءَ تي اهي (دوزخ جا داروغا) چوندا هاڻي توهان (جيترو چاهيو) پڪاريندا رهو ۽ ڪافرن جي دعا رائيگان ئي ويندي آهي.

اِنَّا لَنَنْصُرُ رُسُلَنَا وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَيَوْمَ يَقُوْمُ الْاَشْهَادُ ﴿٥٢﴾

٥٢. اسان پنهنجن رسولن ۽ انهن تي ايمان آڻڻ وارن جي هن دنيا ۾ بہ ضرور مدد ڪنداسين ۽ انهيءَ ڏينهن بہ جڏهين شاهد بيٺا هوندا.

يَوْمَ لَا يَنْفَعُ الظّٰلِمِيْنَ مَعْذِرَتُهُمْ وَلَهُمُ اللَّعْنَةُ وَلَهُمْ سُوْۗءُ الدَّارِ ﴿٥٣﴾

٥٣. جنهن ڏينهن ظالمن کي انهن جو عذر ڪوبہ نفعو نہ ڏيندو ۽ انهن تي (خدا تعاليٰ جي) لعنت نازل ٿيندي. ۽ انهن کي برو گهر (رهڻ جو) ملندو.

وَلَقَدْ اٰتَيْنَا مُوْسَى الْهُدٰى وَاَوْرَثْنَا بَنِيْٓ اِسْرَاۗءِيْلَ الْكِتٰبَ ﴿٥٤﴾

٥٤. ۽ اسان يقينن موسيٰ کي هدايت ڏني هئي ۽ بني اسرائيل کي (هن) ڪتاب (يعني تورات) جو وارث بنائي ڇڏيو هو.

هُدًى وَّذِكْرٰى لِاُولِي الْاَلْبَابِ ﴿٥٥﴾

٥٥. جيڪو عقلمندن جيلاءِ هدايت ۽ نصيحت جو موجب هو.

فَاصْبِرْ اِنَّ وَعْدَ اللّٰهِ حَقٌّ وَّاسْتَغْفِرْ لِذَنْۢبِكَ وَسَبِّحْ بِحَمْدِ رَبِّكَ بِالْعَشِيِّ وَالْاِبْكَارِ ﴿٥٦﴾

٥٦. بس تون صبر ڪر - الله جو واعدو پورو ٿي رهندو ۽ جيڪي تنهنجا گناهہ ماڻهن ڪيا آهن انهن جي حق ۾ بخشش گهرندو رهہ ۽ پنهنجي رب جي شام ۽ صبح حمد سان گڏ تسبيح بہ ڪندو رهہ.

اِنَّ الَّذِيْنَ يُجَادِلُوْنَ فِيْٓ اٰيٰتِ اللّٰهِ بِغَيْرِ سُلْطٰنٍ

٥٧. اهي ماڻهو جيڪي الله تعاليٰ جي آيتن جي باري ۾ بغير ڪنهن دليل جي جيڪي

اَتٰىهُمْ ۙ اِنْ فِيْ صُدُوْرِهِمْ اِلَّا كِبْرٌ مَّا هُمْ بِبَالِغِيْهِ ۚ
فَاسْتَعِذْ بِاللّٰهِ ۭ اِنَّهٗ هُوَ السَّمِيْعُ الْبَصِيْرُ ﴿٥٧﴾

انهن وٽ (خدا جي طرفان) آيو هجي بحث ۾ لڳا رهن ٿا. انهن جي دلين ۾ وڏيون وڏيون خواهشون آهن جنکي اهي ڪڏهين نه پهچندا. پوءِ الله جي پناهه گهرندو رهه - اهو ڏاڍو ٻڌڻ وارو (۽) ڏاڍو ڏسڻ وارو آهي.

لَخَلْقُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ اَكْبَرُ مِنْ خَلْقِ النَّاسِ
وَلٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿٥٨﴾

٥٨. آسمانن ۽ زمين جي پيدائش انسانن جي پيدائش کان وڏو ڪم آهي پر اڪثر انسان جاڻن نٿا.

وَمَا يَسْتَوِي الْاَعْمٰى وَالْبَصِيْرُ ڏ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا
وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ وَلَا الْمُسِيْۗءُ ۭ قَلِيْلًا مَّا
تَتَذَكَّرُوْنَ ﴿٥٩﴾

٥٩. ۽ انڌا ۽ اکين وارا برابر نٿا ٿي سگهن ۽ جن ماڻهن ايمان آندو ۽ ايمان جي مطابق انهن ڪم ڪيا اهي بدڪردار ماڻهن جي (برابر نٿا ٿي سگهن) توهان ماڻهو بلڪل نصيحت حاصل نٿا ڪيو.

اِنَّ السَّاعَةَ لَاٰتِيَةٌ لَّا رَيْبَ فِيْهَا وَلٰكِنَّ اَكْثَرَ
النَّاسِ لَا يُؤْمِنُوْنَ ﴿٦٠﴾

٦٠. ۽ انهيءَ ۾ ڪو به شڪ نه آهي ته تباهيءَ جي گهڙي ضرور اچڻ واري آهي - پر اڪثر ماڻهو ايمان نٿا آڻين.

وَقَالَ رَبُّكُمُ ادْعُوْنِيْٓ اَسْتَجِبْ لَكُمْ ۭ اِنَّ الَّذِيْنَ
يَسْتَكْبِرُوْنَ عَنْ عِبَادَتِيْ سَيَدْخُلُوْنَ جَهَنَّمَ دٰخِرِيْنَ ﴿٦١﴾ ع

٦١. ۽ توهانجو رب چويٿو مونکي پڪاريو - مان توهانجي دعا ٻڌندس - جيڪي ماڻهو اسانجي عبادت جي معاملي ۾ تڪبر کان ڪم وٺن ٿا اهي ضرور جهنم ۾ خوار ٿي داخل ٿيندا.

اَللّٰهُ الَّذِيْ جَعَلَ لَكُمُ الَّيْلَ لِتَسْكُنُوْا فِيْهِ وَالنَّهَارَ
مُبْصِرًا ۭ اِنَّ اللّٰهَ لَذُوْ فَضْلٍ عَلَي النَّاسِ وَلٰكِنَّ
اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يَشْكُرُوْنَ ﴿٦٢﴾

٦٢. الله اهو آهي جنهن اوهان لاءِ رات بنائي انهيءَ لاءِ ته توهان انهيءَ ۾ آرام حاصل ڪيو ۽ ڏينهن کي ڏيکارڻ وارو بنايو آهي الله ماڻهن تي وڏو فضل ڪرڻ وارو آهي. (ماڻهن مان اڪثر شڪر نٿا ڪن)

ذٰلِكُمُ اللّٰهُ رَبُّكُمْ خَالِقُ كُلِّ شَيْءٍ ۘ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۡ
فَاَنّٰى تُؤْفَكُوْنَ ﴿٦٣﴾

٦٣. اهو الله توهانجو اهو رب آهي جيڪو هر شيءِ جو پيدا ڪندڙ آهي انهيءَ کانسواءِ ڪو به معبود ڪونهي - پوءِ ٻڌايو ته سهي توهانکي ڪيڏانهن ڦيرايو پيو وڃي.

كَذٰلِكَ يُؤْفَكُ الَّذِيْنَ كَانُوْا بِاٰيٰتِ اللّٰهِ يَجْحَدُوْنَ ﴿٦٣﴾

٦٣- اهڙيءَ طرح انهن ماڻهن کي گهڻ عقل جي ڳالهين ڏانهن ڦيرائي نيو ويندو آهي. جيڪي الله جي آيتن جو ضد سان انڪار ڪن ٿا.

اَللّٰهُ الَّذِيْ جَعَلَ لَكُمُ الْاَرْضَ قَرَارًا وَّالسَّمَآءَ بِنَآءً وَّصَوَّرَكُمْ فَاَحْسَنَ صُوَرَكُمْ وَرَزَقَكُمْ مِّنَ الطَّيِّبٰتِ ذٰلِكُمُ اللّٰهُ رَبُّكُمْ ۚ فَتَبٰرَكَ اللّٰهُ رَبُّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٦٤﴾

٦٤- (حالانڪ) الله اهو آهي جنهن زمين کي توهان لاءِ آرام جي جڳهه بڻايو آهي ۽ آسمان کي هڪ جڳهه جي صورت ۾ (حفاظت لاءِ بڻايو آهي) ۽ انهيءَ توهانکي مختلف طاقتون بخشيون آهن ۽ پوءِ انهن طاقتن کي نهايت اعليٰ درجي جو ۽ مضبوط بڻايو آهي ۽ توهانکي پاڪ رزق بخشيو آهي - اهو الله آهي جيڪو اوهانجو رب بہ آهي پوءِ ڏاڍو برڪت وارو آهي الله جيڪو سڀني جهانن جو رب آهي.

هُوَ الْحَيُّ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ فَادْعُوْهُ مُخْلِصِيْنَ لَهُ الدِّيْنَ ۭ اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٦٥﴾

٦٥- اهو زندهہ (۽ ٻين کي زندگي ڏيڻ وارو) آهي - انهيءَ کانسواءِ ڪوبہ معبود ڪونهي ۽ الله جي لاءِ عبادت کي خالص ڪندي انهيءَ کي پڪاريو - سڀ تعريف الله جي ئي آهي جيڪو سڀني جهانن جو رب آهي.

قُلْ اِنِّيْ نُهِيْتُ اَنْ اَعْبُدَ الَّذِيْنَ تَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ لَمَّا جَآءَنِيَ الْبَيِّنٰتُ مِنْ رَّبِّيْ ۡ وَاُمِرْتُ اَنْ اُسْلِمَ لِرَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٦٦﴾

٦٦- تون چؤ تہ مونکي انهيءَ کان (روڪيو ويو آهي تہ مان انهن جي عبادت ڪريان جن کي توهان الله کانسواءِ پڪاريو ٿا - خصوصن تڏهين جڏهين مون وٽ منهن جي رب جي طرفان ڪليل نشان بہ اچي چڪا آهن ۽ مونکي حڪم ڏنو ويو آهي تہ مان صرف سڀني جهانن جي رب جي اطاعت ڪريان.

هُوَ الَّذِيْ خَلَقَكُمْ مِّنْ تُرَابٍ ثُمَّ مِنْ نُّطْفَةٍ ثُمَّ مِنْ عَلَقَةٍ ثُمَّ يُخْرِجُكُمْ طِفْلًا ثُمَّ لِتَبْلُغُوْٓا اَشُدَّكُمْ ثُمَّ لِتَكُوْنُوْا شُيُوْخًا ۚ وَمِنْكُمْ مَّنْ يُّتَوَفّٰى

٦٧- اهوئي آهي جنهن توهانکي (پهرين دور ۾) مٽيءَ مان پيدا ڪيو پوءِ (ٻئي دور ۾) نطفي مان. پوءِ (ٽئي دور ۾) هڪ رت جي دڳ مان. پوءِ (انهيءَ مان) توهانکي هڪ ٻار

مِنْ قَبْلُ وَلِتَبْلُغُوْٓا اَجَلًا مُّسَمًّى وَّ لَعَلَّكُمْ تَعْقِلُوْنَ ﴿٦٨﴾

بنائي ڪڍيٿو - پوءِ انهيءَ جو نتيجو اهو ٿئي ٿو جو توهان پنهن جي جوانيءَ کي پهچي وڃوٿا پوءِ انهيءَ جو نتيجو اهو ٿئي ٿو تہ توهان پنهن جي پيريءَ کي پهچي وڃوٿا ۽ توهان مان ڪنهن جو روح انهيءَ (عمر کي پهچڻ) کان پهرين (يعني پيريءَ جي عمر کان پهرين) قبض ڪيو وڃيٿو ۽ اهو ائين انهيءَ لاءِ ڪندو وڃي ٿو تہ توهان انهيءَ مدت کي پهچي وڃو جيڪا توهانجي لاءِ مقرر ڪئي ويئي آهي ۽ انهيءَ لاءِ بہ تہ توهان (انهيءَ ڊِر جي زماني مان فائدو وٺي) عقل کان ڪم وٺو.

هُوَ الَّذِیْ یُحْیٖ وَیُمِیْتُ ۚ فَاِذَا قَضٰۤی اَمْرًا فَاِنَّمَا یَقُوْلُ لَهٗ كُنْ فَیَكُوْنُ ﴿٦٩﴾ ع ٧

٦٩. اهو خدا ئي آهي جيڪو زندهہ ڪري ٿو ۽ ماريٿو پوءِ جڏهين اهو ڪنهن ڳالهہ جو فيصلو ڪري ڇڏيٿو تہ انهيءَ جي باري ۾ چئي ٿو ٿي وڃي، سو اهو ٿي وڃي ٿو.

اَلَمْ تَرَ اِلَى الَّذِیْنَ یُجَادِلُوْنَ فِیْۤ اٰیٰتِ اللّٰهِ ؕ اَنّٰی یُصْرَفُوْنَ ﴿٧٠﴾

٧٠. ڇا تو انهن ماڻهن کي نہ ڏٺو آهي جيڪي الله جي آيتن متعلق جهڳڙندا رهن ٿا اهي ڪيڏانهن ڦيرائي نيا وڃن ٿا.

الَّذِیْنَ كَذَّبُوْا بِالْكِتٰبِ وَبِمَاۤ اَرْسَلْنَا بِهٖ رُسُلَنَا ۛ فَسَوْفَ یَعْلَمُوْنَ ﴿٧١﴾

٧١. اهي (انهيءَ قسم جا) ماڻهو آهن جن اسانجي ڪتاب جو بہ ۽ اسانجي رسولن جو پيغام آندو آهي انهيءَ جو بہ انڪار ڪري ڇڏيو آهي پوءِ هاڻي اهي جلدي پنهن جي انجام کي ڏسي وٺندا.

اِذِ الْاَغْلٰلُ فِیْۤ اَعْنَاقِهِمْ وَالسَّلٰسِلُ ؕ یُسْحَبُوْنَ ﴿٧٢﴾

فِی الْحَمِیْمِ ۙ۬ ثُمَّ فِی النَّارِ یُسْجَرُوْنَ ﴿٧٣﴾

٧٢، ٧٣ جڏهين ڳٽ ۽ زنجيرون انهن جي ڳچين ۾ هونديون ۽ اهي (انهن زنجيرن جي ذريعي جلائڻ واري) گرم پاڻيءَ ۾ گهليا ويندا. پوءِ دوزخ ۾ اڇليا ويندا.

ثُمَّ قِیْلَ لَهُمْ اَیْنَ مَا كُنْتُمْ تُشْرِكُوْنَ ﴿٧٤﴾

٧٤. پوءِ انهن کي چيو ويندو. اهي (معبود) ڪٿي آهن جن کي توهان الله کانسواءِ خدا

جو شريڪ بنائيندا هئا.

مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ ۭ قَالُوْا ضَلُّوْا عَنَّا بَلْ لَّمْ نَكُنْ نَّدْعُوْا مِنْ قَبْلُ شَيْـــًٔا ۭ كَذٰلِكَ يُضِلُّ اللّٰهُ الْكٰفِرِيْنَ ۝

٧٥ هو چوندا هن وقت اهي اسان کان وڃائجي ويا آهن (ڀوءِ چوندا ائين نہ آهي حقيقت هيءَ آهي تہ اسان هن کان ڀهرين ڪنهن شيءِ کي خدا جو شريڪ بنائينداني نہ هئاسين. اهڙيءَ طرح الله ڪافرن کي گمراهہ ڪندو آهي.

ذٰلِكُمْ بِمَا كُنْتُمْ تَفْرَحُوْنَ فِي الْاَرْضِ بِغَيْرِ الْحَقِّ وَبِمَا كُنْتُمْ تَمْرَحُوْنَ ۝

٧٦ هيءَ (حقيقت) آهي جنهن جي باعث توهان بغير ڪنهن دليل جي خوشيون ملهائيندا هئا ۽ جنهن جي سببان توهان سواءِ ڪنهن سبب جي لاڏ ڪندا هئا.

اُدْخُلُوْٓا اَبْوَابَ جَهَنَّمَ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ۚ فَبِئْسَ مَثْوَى الْمُتَكَبِّرِيْنَ ۝

٧٧ (هاڻي وڃي) جهنم جي دروازن ۾ داخل ٿي وڃو(جو جو توهان جيلاءِ فيصلو ٿي چڪو آهي تہ) توهان انهيءَ ۾ ٿي رهندؤ ۽ متڪبرن جو ٺڪاڻو ڏاڍو برو آهي.

فَاصْبِرْ اِنَّ وَعْدَ اللّٰهِ حَقٌّ ۚ فَاِمَّا نُرِيَنَّكَ بَعْضَ الَّذِيْ نَعِدُهُمْ اَوْ نَتَوَفَّيَنَّكَ فَاِلَيْنَا يُرْجَعُوْنَ ۝

٧٨ ڀوءِ صبر ڪر الله جو واعدو ضرور پورو ٿي رهندو ۽ جيڪڏهين اسان توکي انهن ڳالهين مان جن جو انهن سان واعدو ڪيو وڃيٿو ڪي (تنهن جي موت تائين) ڏيکاريون (تہ ڪي پيشگويون تنهن جي وفات بعد پوريون ٿينديون ۽ انهيءَ ۾ ڪوبہ حرج ڪونهي) ڇو جو اهي اسان ڏانهن موٽايا ويندا (۽ اتي انهن جي پچاڙي انهن تي کلي ويندي).

وَلَقَدْ اَرْسَلْنَا رُسُلًا مِّنْ قَبْلِكَ مِنْهُمْ مَّنْ قَصَصْنَا عَلَيْكَ وَمِنْهُمْ مَّنْ لَّمْ نَقْصُصْ عَلَيْكَ ۭ وَمَا كَانَ لِرَسُوْلٍ اَنْ يَّاْتِيَ بِاٰيَةٍ اِلَّا بِاِذْنِ اللّٰهِ ۚ فَاِذَا جَاۗءَ اَمْرُ اللّٰهِ قُضِيَ بِالْحَقِّ وَخَسِرَ هُنَالِكَ الْمُبْطِلُوْنَ ۝ ع

٧٩ ۽ اسان توکان ڀهرين ڪيترا رسول موڪليا هئا ڪن جو ذڪر اسان تنهن جي اڳيان ڪري ڇڏيو آهي ۽ ڪن جو ذڪر اسان تنهن جي اڳيان نہ ڪيو آهي ۽ ڪنهن رسول کي اها طاقت نہ آهي جو خدا جي حڪم

كانسواءِ كوبہ كلام آثي ۽ جڏهين الله جو حڪم اچي وڃيٿو تہ حق جي مطابق فيصلو ڪيو وڃيٿو ۽ ڪوڙ ڳالهائڻ وارا ماٺهو گهاٽي ۾ پئجي وڃن ٿا.

اَللّٰهُ الَّذِیۡ جَعَلَ لَكُمُ الۡاَنۡعَامَ لِتَرۡكَبُوۡا مِنۡهَا وَمِنۡهَا تَاۡكُلُوۡنَ ﴿۸۰﴾

٨٠ـ الله اهوئي آهي جنهن توهانجي لاءِ چوپايا پيدا ڪيا آهن انهيءَ لاءِ تہ انهن مان ڪن تي توهان سواري ڪيو ۽ انهن مان ڪن جو (گوشت) کائو.

وَلَكُمۡ فِيۡهَا مَنَافِعُ وَلِتَبۡلُغُوۡا عَلَيۡهَا حَاجَةً فِیۡ صُدُوۡرِكُمۡ وَعَلَيۡهَا وَعَلَى الۡفُلۡكِ تُحۡمَلُوۡنَ ﴿۸۱﴾

٨١ـ ۽ انهن چوپاين ۾ توهانجي لاءِ ٻيا بہ ڪيترائي فائدا آهن ۽ هيءَ (مقصد بہ آهي) تہ توهان انهن تي بار ڪڻ وغيره ڪري پنهن جي دلين جي حاجت پوري ڪندا ڪيو ۽ انهن چوپاين تي ۽ ٻيڙين تي توهان کي سوار ڪيو وڃي ٿو.

وَيُرِيۡكُمۡ اٰيٰتِهٖ ۖ فَاَىَّ اٰيٰتِ اللّٰهِ تُنۡكِرُوۡنَ ﴿۸۲﴾

٨٢ـ ۽ هو (يعني خدا) توهانکي پنهن جا نشان ڏيکاريٿو پوءِ توهان الله جي نشانن مان ڪهڙي نشان جو انڪار ڪري سگهو ٿا.

اَفَلَمۡ يَسِيۡرُوۡا فِى الۡاَرۡضِ فَيَنۡظُرُوۡا كَيۡفَ كَانَ عَاقِبَةُ الَّذِيۡنَ مِنۡ قَبۡلِهِمۡ ؕ كَانُوۡۤا اَكۡثَرَ مِنۡهُمۡ وَاَشَدَّ قُوَّةً وَّاٰثَارًا فِى الۡاَرۡضِ فَمَاۤ اَغۡنٰى عَنۡهُمۡ مَّا كَانُوۡا يَكۡسِبُوۡنَ ﴿۸۳﴾

٨٣ـ ڇا اهي زمين ۾ نہ گهميا آهن جو ڏسن ها تہ انهن کان پهرين جي ٻجاڙي ڪهڙي ٿي ۽ اهي ملڪ ۾ انهن کان تعداد ۽ طاقت ۾ بہ وڌيڪ هئا ۽ عمارتن وغيره جي فنن ۾ بہ وڌيڪ (ماهر) هئا. پر انهن جي عملن انهن کي ڪوبہ نفعو نہ ڏنو هو.

فَلَمَّا جَآءَتۡهُمۡ رُسُلُهُمۡ بِالۡبَيِّنٰتِ فَرِحُوۡا بِمَا عِنۡدَهُمۡ مِّنَ الۡعِلۡمِ وَحَاقَ بِهِمۡ مَّا كَانُوۡا بِهٖ يَسۡتَهۡزِءُوۡنَ ﴿۸۴﴾

٨٤ـ ۽ جڏهين انهن وٽ انهن جا رسول نشان کڻي آيا تہ انهن وٽ جيڪو ٿورو گهڻو علم هو انهيءَ تي فخر ڪرڻ لڳا ۽ جنهن (عذاب) تي اهي کلندا هئا انهيءَ ئي انهن کي گهيري ورتو.

فَلَمَّا رَاَوۡا بَاۡسَنَا قَالُوۡۤا اٰمَنَّا بِاللّٰهِ وَحۡدَهٗ وَكَفَرۡنَا بِمَا

٨٥ـ پوءِ جڏهين انهن اسانجو عذاب ڏٺو تہ

كُنَّا بِهٖ مُشْرِكِيْنَ ﴿٨٥﴾

جني اتيا تہ اسان تہ الله کي ھڪ قرار ڏيندي انهيءَ تي ايمان آڻيون ٿا انهيءَ سان گڏ جن شين کي اسان شريڪ قرار ڏيندا هئاسين انهن جو اسان انڪار ڪيون ٿا.

فَلَمْ يَكُ يَنْفَعُهُمْ اِيْمَانُهُمْ لَمَّا رَاَوْا بَاْسَنَا ؕ سُنَّتَ اللّٰهِ الَّتِيْ قَدْ خَلَتْ فِيْ عِبَادِهٖ ۚ وَخَسِرَ هُنَالِكَ الْكٰفِرُوْنَ ﴿٨٦﴾

ع ٩ / ١٤

٨٦- پوءِ جڏهين انهن اسانجو عذاب ڏسي ورتو تہ انهن جي ايمان انهن کي ڪوبہ فائدو نہ پهچايو. اهائي الله جي مقرر ڪيل سنت آهي جيڪا انهن جي ٻانهن ۾ هلندي اچي ٿي ۽ انهيءَ وقت ڪافر گهاٽي ۾ پئجي ويا.

سُوْرَةُ حٰمٓ السَّجْدَةِ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ مَعَ الْبَسْمَلَةِ خَمْسٌ وَّخَمْسُوْنَ اٰيَةً وَّسِتَّةُ رُكُوْعَاتٍ

سورت حم سجده - هيءَ سورت مڪي آهي ۽ بسم الله سميت هن جون پنجونجاهه آيتون ۽ ڇهه رڪوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ①

١- (مان) الله جو نالو وٺي جيڪو بيحد ڪرم ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي (پڙهانٿو)

حٰمٓ ②

٢- حميد ۽ مجيد (خدا جون صفتون هن سورت ۾ بيان ڪيون ويون آهن)

تَنْزِيْلٌ مِّنَ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ③

٣- هيءَ قرآن بي انتها رحم ڪرڻ واري ۽ بار بار ڪرم ڪرڻ واري (خدا) جي طرفان نازل ٿيو آهي.

كِتٰبٌ فُصِّلَتْ اٰيٰتُهٗ قُرْاٰنًا عَرَبِيًّا لِّقَوْمٍ يَّعْلَمُوْنَ ④

٤- (۽) اهڙو ڪتاب آهي جنهن جون آيتون خوب تفصيل سان بيان ڪيون ويون آهن ۽ جيڪو (ڪتاب) خوب پڙهيو ويندو ۽ (اهو اهڙي زبان ۾ آهي جيڪو) پنهن جو مطلب پاڻ کولي بيان ڪريٿو پر (هيءَ ڪتاب) انهن کي ئي فائدو ڏئيٿو جيڪي (روحاني) علم رکندا هجن.

بَشِيْرًا وَّنَذِيْرًا فَاَعْرَضَ اَكْثَرُهُمْ فَهُمْ لَا يَسْمَعُوْنَ ⑤

٥- (نيڪن کي) خوش خبري ڏيڻ وارو ۽ (برن کي) هوشيار ڪرڻ وارو آهي. پوءِ (به) انهن مان ڪيترن منهن موڙيو ۽ اهي انهيءَ کي ٻڌڻ لاءِ به تيار نه آهن.

وَ قَالُوْا قُلُوْبُنَا فِيْٓ اَكِنَّةٍ مِّمَّا تَدْعُوْنَآ اِلَيْهِ وَ فِيْٓ اٰذَانِنَا وَقْرٌ وَّ مِنْۢ بَيْنِنَا وَ بَيْنِكَ حِجَابٌ فَاعْمَلْ اِنَّنَا عٰمِلُوْنَ ⑥

٦- ۽ چون ٿا جنهن شيءِ ڏانهن توهان اسانکي سڏيو ٿا انهيءَ جي مڃڻ کان اسانجون دليون پردن ۾ آهن (يعني اهو اسانجي دل تي اثر نٿو ڪري سگهي) ۽ اسانجي ڪنن ۾ ٻوڙائي آهي (جنهن جي ڪري اسان تنهن جي ڳالهه ني ٻڌي نٿا سگهون) ۽ اسانجي ۽ توهانجي وچ

هڪ پردو آهي - پوءِ تون (پنهن جي عقيدي جي مطابق) ڪم ڪر اسان (پنهن جي عقيدي جي مطابق) ڪم ڪنداسين.

قُلْ اِنَّمَآ اَنَا بَشَرٌ مِّثْلُكُمْ يُوْحٰٓى اِلَيَّ اَنَّمَآ اِلٰهُكُمْ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ فَاسْتَقِيْمُوْٓا اِلَيْهِ وَاسْتَغْفِرُوْهُ ۗ وَوَيْلٌ لِّلْمُشْرِكِيْنَ ۝٧

٧ـ تون چؤ مان بہ توهان وانگر هڪ ماڻهو آهيان مون ڏانهن وحي ڪئي وڃي ٿي تہ توهانجو صرف هڪ خدا آهي - پوءِ انهيءَ جو خيال ڪري پختگي ڏيکاريو. ۽ انهيءَ کان استغفار ڪندا رهو (تہ پير نہ ترڪي وڃي) ۽ (ياد رکو تہ) مشرڪن جي لاءِ عذاب (مقدر) آهي.

الَّذِيْنَ لَا يُؤْتُوْنَ الزَّكٰوةَ وَهُمْ بِالْاٰخِرَةِ هُمْ كٰفِرُوْنَ ۝٨

٨ـ اهي مشرڪ جيڪي نہ زڪوات ڏين ٿا ۽ نہ آخرت تي ايمان آڻين ٿا.

اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ لَهُمْ اَجْرٌ غَيْرُ مَمْنُوْنٍ ۝٩ ع ١٥ ٩

٩ـ يقينن اهي (ماڻهو) جن ايمان آندو ۽ انهيءَ جي مطابق انهن عمل بہ ڪيا انهن جي لاءِ هڪ نہ ختم ٿيڻ وارو اجر (مقدر) آهي.

قُلْ اَئِنَّكُمْ لَتَكْفُرُوْنَ بِالَّذِيْ خَلَقَ الْاَرْضَ فِيْ يَوْمَيْنِ وَتَجْعَلُوْنَ لَهٗٓ اَنْدَادًا ۭ ذٰلِكَ رَبُّ الْعٰلَمِيْنَ ۝١٠

١٠ـ تون چؤ، ڇا توهان انهيءَ خدا جو انڪار ڪيو ٿا، جنهن زمين کي ٻن دورن ۾ پيدا ڪيو آهي ۽ انهيءَ جا شريڪ مقرر ڪيو ٿا. هيءَ (خدا تہ) سيني جهانن جو رب آهي.

وَجَعَلَ فِيْهَا رَوَاسِيَ مِنْ فَوْقِهَا وَبٰرَكَ فِيْهَا وَقَدَّرَ فِيْهَآ اَقْوَاتَهَا فِيْٓ اَرْبَعَةِ اَيَّامٍ ۭ سَوَاۗءً لِّلسَّاۗىِٕلِيْنَ ۝١١

١١ـ ۽ انهيءَ زمين ۾ انهيءَ جي مٿان پهاڙ بنايا آهن ۽ انهيءَ ۾ وڏي برڪت رکي آهي ۽ انهيءَ ۾ رهڻ وارن جي کاڌي پيتي لاءِ هر شيءِ کي اندازي جي مطابق بنايو آهي - اهو سڀ ڪجهہ چئن دورن ۾ ڪيو آهي - اها ڳالهہ سيني پڇڻ وارن لاءِ هڪجهڙي آهي.

ثُمَّ اسْتَوٰٓى اِلَى السَّمَاۗءِ وَهِيَ دُخَانٌ فَقَالَ لَهَا وَلِلْاَرْضِ ائْتِيَا طَوْعًا اَوْ كَرْهًا ۭ قَالَتَآ اَتَيْنَا طَاۗىِٕعِيْنَ ۝١٢

١٢ـ پوءِ آسمانن ڏانهن متوجہ ٿيو - ۽ اهو محض هڪ ڏنڊ وانگر هو - ۽ هن انهيءَ کي ۽ زمين کي چيو ٻئي پنهن جي مرضيءَ سان يا مجبور ٿي منهن جي فرمانبرداريءَ لاءِ اچو.

انهن ٻنهي چيو اسان فرمانبردار ٿي اچي ويا آهيون.

فقضهن سبع سموات في يومين و اوحى في كل سماء امرها ؕ وزينا السماء الدنيا بمصابيح ۖ وحفظا ؕ ذلك تقدير العزيز العليم ﴿١٣﴾

١٣. پوءِ انهن کي ستن آسمانن جي صورت ۾ ٻن دورن ۾ بنايو ۽ هر آسمان ۾ جيڪي ڪجهہ ٿيڻو هو انهيءَ جي طاقت انهيءَ ۾ سمائي ڇڏيائين ۽ اسان هيٺين آسمان کي روشنين سان خوبصورت بنايو ۽ (خوبصورت بنائڻ ڪانسواءِ) حفاظت جي لاءِ بہ (انهيءَ ۾ سامان پيدا ڪيو) (۽) اها غالب (۽) ڄاڻڻ واري خدا جي تقدير آهي.

فان اعرضوا فقل انذرتكم صعقة مثل صعقة عاد وثمود ﴿١٤﴾

١٤. پوءِ جيڪڏهين اهي منهن موڙين تہ انهن کي چؤ تہ مون توهانکي انهيءَ عذاب کان جيڪو عاد ۽ ثمود جهڙو عذاب آهي هوشيار ڪري ڇڏيو آهي.

اذ جاءتهم الرسل من بين ايديهم ومن خلفهم الا تعبدوا الا الله ؕ قالوا لو شاء ربنا لانزل ملئكة فانا بما ارسلتم به كفرون ﴿١٥﴾

١٥. يعني انهن وٽ انهن جي اڳيان بہ ۽ انهن جي پٺيان بہ رسول آيا (يعني قومي زندگيءَ جي دوران لاڳيتو رسول آيا) هيءَ چوندي تہ الله ڪانسواءِ ڪنهن جي عبادت نہ ڪريو تہ انهن. اُنهن کي جواب ڏنو تہ جيڪڏهين اسانجو رب گهري ها تہ اسانتي خود فرشتا نازل ڪري ها. پوءِ اسان انهيءَ تعليم جو جنهن سان توهانکي موڪليو ويو آهي انڪار ڪيونٿا.

فاما عاد فاستكبروا في الارض بغير الحق و قالوا من اشد منا قوة ؕ اولم يروا ان الله الذي خلقهم هو اشد منهم قوة ؕ وكانوا بايتنا يجحدون ﴿١٦﴾

١٦. ۽ عاد جي قوم زمين ۾ بغير ڪنهن حق جي تڪبر کان ڪم ورتو ۽ چيو. اسان کان وڌيڪ قوت ۾ ڪير آهي. ڇا انهن ڏٺو نہ آهي تہ جنهن خدا انهن کي پيدا ڪيو آهي اهو انهن کان وڌيڪ طاقتور آهي ۽ اهي اسانجن آيتن جو ضد سان انڪار ڪندا هئا.

فارسلنا عليهم ريحا صرصرا في ايام نحسات

١٧. پوءِ اسان انهن تي هڪ اهڙي هوا

وَلَآ اَبْصَارُكُمْ وَلَا جُلُوْدُكُمْ وَلٰكِنْ ظَنَنْتُمْ اَنَّ
اللّٰهَ لَا يَعْلَمُ كَثِيْرًا مِّمَّا تَعْمَلُوْنَ ﴿٢٣﴾

توهانجون اکيون ۽ توهانجون چمڙيون توهانجي خلاف شاهدي نـہ ڏين. (پر ٻين ماڻهن جي انگشت نمائيءَ جي ڊپ کان ائين ڪندا هئا) بلڪ توهانکي يقين هو، تـہ الله کي تـہ ڪيترين توهانجي ڳالهين جو علم ئي ڪونهي.

وَذٰلِكُمْ ظَنُّكُمُ الَّذِيْ ظَنَنْتُمْ بِرَبِّكُمْ اَرْدٰىكُمْ
فَاَصْبَحْتُمْ مِّنَ الْخٰسِرِيْنَ ﴿٢٤﴾

٢٤- ۽ هي اهائي بدظني هئي جيڪا توهان پنهن جي رب جي متعلق ڪئي جنهن توهانکي تباهـ ڪري ڇڏيو ۽ توهان هر طرح نقصان حاصل ڪرڻ وارن مان ٿي ويا.

فَاِنْ يَّصْبِرُوْا فَالنَّارُ مَثْوًى لَّهُمْ ۚ وَاِنْ يَّسْتَعْتِبُوْا
فَمَا هُمْ مِّنَ الْمُعْتَبِيْنَ ﴿٢٥﴾

٢٥- پوءِ جيڪڏهين اهي ماڻهو صبر ڪان ڪم وٺن تـہ باهـ انهن جو ٺڪاڻو آهي ۽ جيڪڏهين اهي خدا جي حضور ۾ حاضر ٿيڻ چاهين تـہ انهن کي خدا جي حضور ۾ حاضر ٿيڻ جي اجازت نـہ ڏني ويندي.

وَقَيَّضْنَا لَهُمْ قُرَنَآءَ فَزَيَّنُوْا لَهُمْ مَّا بَيْنَ
اَيْدِيْهِمْ وَمَا خَلْفَهُمْ وَحَقَّ عَلَيْهِمُ الْقَوْلُ
فِيْٓ اُمَمٍ قَدْ خَلَتْ مِنْ قَبْلِهِمْ مِّنَ الْجِنِّ وَالْاِنْسِ ۚ
اِنَّهُمْ كَانُوْا خٰسِرِيْنَ ﴿٢٦﴾ ع ٣ ١٤

٢٦- ۽ اسان انهن سان ڪجهـ اهڙا سنگتي لڳائي ڇڏيا جن انهن جي عملن کي سهڻو ڪري ڏيکاريو ۽ انهن جي مٿان اهوئي حڪم جاري ٿي ويو جيڪو جنن ۽ انسانن مان انهن کان پهريون گذريل قومن تي جاري ٿيو هو (يعني اهو) تـہ اهي نقصان حاصل ڪرڻ وارن مان ٿي ويندا.

وَقَالَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَا تَسْمَعُوْا لِهٰذَا الْقُرْاٰنِ
وَالْغَوْا فِيْهِ لَعَلَّكُمْ تَغْلِبُوْنَ ﴿٢٧﴾

٢٧- ۽ ڪافرن چيو، هن قرآن جي تعليم نـہ ٻڌو ۽ انهيءَ جي ٻڌائڻ جي وقت گوڙ ڪيو. انهيءَ لاءِ تـہ اهڙي طرح توهان غالب اچي وڃو.

فَلَنُذِيْقَنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا عَذَابًا شَدِيْدًا ۙ وَّ
لَنَجْزِيَنَّهُمْ اَسْوَاَ الَّذِيْ كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿٢٨﴾

٢٨- سو انهيءَ جي نتيجي ۾ اسان ڪافرن کي ضرور سخت عذاب جو مزو چکائينداسين ۽ انهن جي بدترين عملن جي جزا انهن کي ڏينداسين.

ذٰلِكَ جَزَآءُ اَعْدَآءِ اللّٰهِ النَّارُ ۚ لَهُمْ فِيْهَا دَارُ الْخُلْدِ ؕ جَزَآءًۢ بِمَا كَانُوْا بِاٰيٰتِنَا يَجْحَدُوْنَ ﴿۲۹﴾

۲۹. (۽) الله جي دشمنن جي جزا اهائي آهي يعني باهه. انهيءَ ۾ هڪ ڏگهي عرصي تائين رهڻ وارو گهر انهن کي ملندو اها جزا انهن کي انهيءَ لاءِ ملندي جو اهي اسانجن آيتن جو ضد سان انڪار ڪندا هئا.

وَقَالَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا رَبَّنَآ اَرِنَا الَّذَيْنِ اَضَلّٰنَا مِنَ الْجِنِّ وَالْاِنْسِ نَجْعَلْهُمَا تَحْتَ اَقْدَامِنَا لِيَكُوْنَا مِنَ الْاَسْفَلِيْنَ ﴿۳۰﴾

۳۰. ۽ ڪافر چوندا ته اي اسانجا رب! تون اسانکي جنن ۽ انسانن مان اهي ماڻهو ڏيکار جيڪي اسانکي گمراهه ڪندا هئا. انهيءَ لاءِ ته اسان انهن کي پنهن جن پيرن جي هيٺان چيپانيون ۽ انهيءَ جي نتيجي ۾ اهي ذليل ترين ماڻهو بنجي وڃن.

اِنَّ الَّذِيْنَ قَالُوْا رَبُّنَا اللّٰهُ ثُمَّ اسْتَقَامُوْا تَتَنَزَّلُ عَلَيْهِمُ الْمَلٰٓئِكَةُ اَلَّا تَخَافُوْا وَلَا تَحْزَنُوْا وَاَبْشِرُوْا بِالْجَنَّةِ الَّتِيْ كُنْتُمْ تُوْعَدُوْنَ ﴿۳۱﴾

۳۱. اهي ماڻهو جن چيو ته الله اسانجو رب آهي پوءِ مستقل مزاجيءَ سان انهيءَ عقيدي تي قائم ٿي ويا. انهن تي فرشتا لهندا هيءَ چوندي ته ڊجو نه ۽ ڪنهن پوئين غلطي جو غم نه ڪيو ۽ انهيءَ جنت جي ملڻ سان خوش ٿي وڃو جنهن جو توهان سان واعدو ڪيو ويو هو.

نَحْنُ اَوْلِيٰٓؤُكُمْ فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَفِي الْاٰخِرَةِ ۚ وَلَكُمْ فِيْهَا مَا تَشْتَهِيْٓ اَنْفُسُكُمْ وَلَكُمْ فِيْهَا مَا تَدَّعُوْنَ ﴿۳۲﴾

۳۲. اسان دنيا ۾ به توهانجا دوست آهيون ۽ آخرت ۾ به توهانجا دوست رهنداسين ۽ هن (جنت) ۾ جيڪي ڪجهه توهانجي دل چاهيندي توهانکي ملندو ۽ جيڪي ڪجهه توهان گهرندؤ اهو به توهانکي انهيءَ ۾ ملندو.

نُزُلًا مِّنْ غَفُوْرٍ رَّحِيْمٍ ﴿۳۳﴾ ع

۳۳. اهو بخشڻ واري (۽) بي انتها ڪرم ڪرڻ واري خدا جي طرفان مهمانيءَ جي طور تي هوندو.

وَمَنْ اَحْسَنُ قَوْلًا مِّمَّنْ دَعَآ اِلَى اللّٰهِ وَعَمِلَ صَالِحًا وَّقَالَ اِنَّنِيْ مِنَ الْمُسْلِمِيْنَ ﴿۳۴﴾

۳۴. ۽ انهيءَ کان وڌيڪ سٺي ڳالهه ڪنهن جي هوندي جيڪو الله ڏانهن ماڻهن کي سڏي ٿو ۽ پنهن جي ايمان جي مطابق عمل

ڪريٿو ۽ چويٿو تہ مان فرمانبردارن مان آهيان.

وَلَا تَسْتَوِي الْحَسَنَةُ وَلَا السَّيِّئَةُ ۚ ادْفَعْ بِالَّتِي هِيَ أَحْسَنُ فَإِذَا الَّذِي بَيْنَكَ وَبَيْنَهُ عَدَاوَةٌ كَأَنَّهُ وَلِيٌّ حَمِيمٌ ﴿٣٥﴾

۳۵. ۽ نيڪي ۽ بدي برابر نٿيون ٿي سگهن. ۽ تون برائيءَ جو جواب نهايت نيڪ سلوڪ سان ڏي انهيءَ جو نتيجو اهو ٿيندو جو انهيءَ شخص جي ۽ تنهن جي وچم دشمني هوندي بہ اهو تنهن جي سهڻي سلوڪ کي ڏسي هڪ گرم جوش دوست بنجي ويندو.

وَمَا يُلَقَّاهَا إِلَّا الَّذِينَ صَبَرُوا وَمَا يُلَقَّاهَا إِلَّا ذُو حَظٍّ عَظِيمٍ ﴿٣٦﴾

۳۶. ۽ (باوجود ظلمن سهڻ جي) اهڙي (قسم جي سلوڪ) جي توفيق صرف انهن کي ئي ملي ٿي جيڪي گهڻو صبر ڪرڻ وارا آهن ۽ يا وري انهن کي ملي ٿي جن کي (خدا جي طرفان نيڪيءَ جو) هڪ وڏو حصو مليو هجي.

وَإِمَّا يَنْزَغَنَّكَ مِنَ الشَّيْطَانِ نَزْغٌ فَاسْتَعِذْ بِاللَّهِ ۖ إِنَّهُ هُوَ السَّمِيعُ الْعَلِيمُ ﴿٣٧﴾

۳۷. ۽ جيڪڏهين شيطان (يعني حق کان پري واري هستي) توکي تڪليف پهچائي تہ (هڪدم انهيءَ جي بدلي وٺڻ لاءِ تيار نہ ٿي وڃ پر) الله کان پناهہ گهرندو ڪر (تہ اهو توکي انهيءَ ادنيٰ درجي جي خلق کان بچائي) الله يقينن ڏاڍو ٻڌڻ وارو (۽) ڏاڍو ڄاڻڻ وارو آهي.

وَمِنْ آيَاتِهِ اللَّيْلُ وَالنَّهَارُ وَالشَّمْسُ وَالْقَمَرُ ۚ لَا تَسْجُدُوا لِلشَّمْسِ وَلَا لِلْقَمَرِ وَاسْجُدُوا لِلَّهِ الَّذِي خَلَقَهُنَّ إِنْ كُنْتُمْ إِيَّاهُ تَعْبُدُونَ ﴿٣٨﴾

۳۸. ۽ انهيءَ جي نشانين مان رات بہ آهي ۽ ڏينهن بہ ۽ سج بہ آهي ۽ چنڊ بہ . نہ سج کي سجدو ڪيو نہ چنڊ کي . پر صرف الله کي جنهن انهن بنهي کي پيدا ڪيو آهي سجدو ڪيو. جيڪڏهين توهان پڪا موحد آهيو.

فَإِنِ اسْتَكْبَرُوا فَالَّذِينَ عِنْدَ رَبِّكَ يُسَبِّحُونَ لَهُ بِاللَّيْلِ وَالنَّهَارِ وَهُمْ لَا يَسْأَمُونَ ﴿٣٩﴾

۳۹. پوءِ جيڪڏهين اهي ماڻهو ڪبر ڪن، تہ ياد رک تہ اهي ماڻهو جيڪي تنهن جي رب جا مقرب آهن اهي رات ۽ ڏينهن انهيءَ

جي تسبيح ڪن ٿا ۽ اهي ڪڏهن بہ ٿڪجن نہ ٿا.

وَمِنْ اٰيٰتِهٖٓ اَنَّكَ تَرَى الْاَرْضَ خَاشِعَةً
فَاِذَآ اَنْزَلْنَا عَلَيْهَا الْمَآءَ اهْتَزَّتْ وَرَبَتْ ۭ
اِنَّ الَّذِيْٓ اَحْيَاهَا لَمُحْيِ الْمَوْتٰى ۭ
اِنَّهٗ عَلٰي كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ﴿٣٩﴾

٤٠. ۽ انهيءَ جي نشانين مان (هڪ نشاني) هيءَ بہ آهي جو تون زمين کي (ڪن وقتن ۾) ويران ڏسين ٿو پوءِ جڏهين اسان انهيءَ تي پاڻي وسايون ٿا تہ اها هڪ نئين زندگي حاصل ڪري ٿي ۽ (ساوڪ کي خوب وڌائي ٿي . اهو (خدا) جنهن انهيءَ (زمين) کي بہ زندهہ ڪيو آهي اهو يقيناً مردن کي زندهہ ڪندو . هو هر هڪ شيءِ تي قادر آهي.

اِنَّ الَّذِيْنَ يُلْحِدُوْنَ فِيْٓ اٰيٰتِنَا لَا يَخْفَوْنَ عَلَيْنَا ۭ
اَفَمَنْ يُّلْقٰى فِي النَّارِ خَيْرٌ اَمْ مَّنْ يَّاْتِيْٓ اٰمِنًا يَّوْمَ
الْقِيٰمَةِ ۭ اِعْمَلُوْا مَا شِئْتُمْ ۙ اِنَّهٗ بِمَا تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرٌ ﴿٤٠﴾

٤١. اهي ماڻهو جيڪي اسانجي آيتن مان پيچيده غلط ڳالهيون ڪڍندا رهن ٿا اهي اسان کان ڳجهيون ڪينهن . ڇا اهو شخص جيڪو دوزخ ۾ وڌو وڃي وڌيڪ چڱو آهي يا اهو جيڪو قيامت جي ڏينهن امن سان (اسانوٽ) اچي . (اي انسانو) جيڪي ڪجهہ چاهيو ڪيو . الله توهان جي عملن کي چڱيءَ طرح ڏسي رهيو آهي.

اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِالذِّكْرِ لَمَّا جَاۗءَهُمْ ۚ وَاِنَّهٗ لَكِتٰبٌ
عَزِيْزٌ ﴿٤١﴾

٤٢. اهي ماڻهو جيڪي هن ذڪر (يعني قرآن) جو جڏهين اهو انهن وٽ آيو انڪار ڪن ٿا حالانڪ اهو هڪ وڏي عزت وارو ڪتاب آهي (اهي پنهن جي تباهيءَ جو سامان پنهن جي هٿان ڪري رهيا آهن).

لَّا يَاْتِيْهِ الْبَاطِلُ مِنْۢ بَيْنِ يَدَيْهِ وَلَا مِنْ خَلْفِهٖ ۭ
تَنْزِيْلٌ مِّنْ حَكِيْمٍ حَمِيْدٍ ﴿٤٢﴾

٤٣. باطل نہ انهيءَ جي اڳيان اچي سگهي ٿو نہ انهيءَ جي پٺيان. وڏين حڪمتن واري ۽ وڏين تعريفن واري خدا جي طرفان اهو لٿو آهي.

مَا يُقَالُ لَكَ اِلَّا مَا قَدْ قِيْلَ لِلرُّسُلِ مِنْ قَبْلِكَ ۭ
اِنَّ رَبَّكَ لَذُوْ مَغْفِرَةٍ وَّذُوْ عِقَابٍ اَلِيْمٍ ﴿٤٣﴾

٤٤. توکي صرف اهي ڳالهيون چيون وڃن ٿيون . جي توکان پهرين رسولن کي چيون ويون هيون . تنهن جو رب وڏي بخشش وارو

آهي ۽ انهيءَ جو عذاب بہ دردناڪ هوندو آهي.

ءا: لحفص بتسهيل الهمزة الثانية

وَلَوْ جَعَلْنٰهُ قُرْاٰنًا اَعْجَمِيًّا لَّقَالُوْا لَوْلَا فُصِّلَتْ اٰيٰتُهٗ ؕ ءَاَعْجَمِيٌّ وَّعَرَبِيٌّ ؕ قُلْ هُوَ لِلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا هُدًى وَّشِفَآءٌ ؕ وَالَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ فِيْۤ اٰذَانِهِمْ وَقْرٌ وَّهُوَ عَلَيْهِمْ عَمًى ؕ اُولٰٓئِكَ يُنَادَوْنَ مِنْ مَّكَانٍۭ بَعِيْدٍ ع ﴿٤٥﴾

٥ ع١٢ ١٩

٤٥- جيڪڏهين اسان هن قرآن کي عجمي بنايون ها (يعني عربي زبان کانسواءِ ڪنهن ٻي زبان ۾ نازل ڪيون ها) تي اهي (مکي وارا) چئي سگهيا ٿي تہ انهيءَ جون آيتون کولي چونہ بيان ڪيون ويون ڇا عجمي زبان ۽ عربي نبي ڪابہ مشابهت رکن ٿا؟ تون چؤ اهو مومنن جي لاءِ هدايت ۽ شفا رکيٿو (يعني عربيءَ ۾ لاٿو ويو آهي ۽ مکي جا ماڻهو انهيءَ کي سمجهي سگهن ٿا) ۽ جيڪي ايمان نٿا آڻين انهن جي ڪنن ۾ تہ ٻوڙائي آهي ۽ اها (يعني انهيءَ جي حقيقت) انهن تي لڪل آهي اهي ماڻهو اهڙائي آهن جيئن ڪنهنکي ڏورانهين جڳهہ کان سڏيو وڃي.

وَلَقَدْ اٰتَيْنَا مُوْسَى الْكِتٰبَ فَاخْتُلِفَ فِيْهِ ؕ وَلَوْلَا كَلِمَةٌ سَبَقَتْ مِنْ رَّبِّكَ لَقُضِيَ بَيْنَهُمْ ؕ وَاِنَّهُمْ لَفِيْ شَكٍّ مِّنْهُ مُرِيْبٍ ﴿٤٦﴾

٤٦- ۽ اسان موسيٰ کي بہ هڪ اعليٰ ڪتاب ڏنو هو ۽ انهيءَ جي باري ۾ بہ اختلاف ڪيو ويو هو ۽ جيڪڏهين هڪ ڳالهہ تنهن جي رب جي طرفان ٻهرين نہ اچي چڪي هجي ها تہ انهن ماڻهن جو ڪڏهوڪو فيصلو ٿي چڪو هجي ها. اهي هن (قرآن) جي باري ۾ هڪ اهڙي شڪ ۾ پيل آهن جيڪو انهن جي امن کي ڪپي ڇڏيٿو (يعني انتهائي شڪن ۾ مبتلا رهن ٿا ۽ انهيءَ تي غور نٿا ڪن)

مَنْ عَمِلَ صَالِحًا فَلِنَفْسِهٖ وَمَنْ اَسَآءَ فَعَلَيْهَا ؕ وَمَا رَبُّكَ بِظَلَّامٍ لِّلْعَبِيْدِ ﴿٤٧﴾

٤٧- جيڪو شخص ايمان جي مطابق عمل ڪري تہ انهيءَ جو فائدو انهيءَ جي پنهن جي جان کي پهچي ٿو ۽ جيڪو برا عمل ڪري انهيءَ جو عذاب بہ انهيءَ تي نازل

نئي ٿو ۽ تنهن جو رب پنهن جن ٻانهن تي ڪوبہ ظلم نٿو ڪري.

إِلَيْهِ يُرَدُّ عِلْمُ السَّاعَةِ ۚ وَمَا تَخْرُجُ مِنْ ثَمَرَاتٍ مِنْ أَكْمَامِهَا وَمَا تَحْمِلُ مِنْ أُنْثَىٰ وَلَا تَضَعُ إِلَّا بِعِلْمِهِ ۚ وَيَوْمَ يُنَادِيهِمْ أَيْنَ شُرَكَائِي قَالُوا آذَنَّاكَ مَا مِنَّا مِنْ شَهِيدٍ ﴿٤٧﴾

۴٨. قيامت جو علم انهيءَ ڏانهن موٽايو وڃيٿو (يعني قيامت جو ڪامل علم انهيءَ کي حاصل آهي) ۽ ڳپن مان (ٻـہ) ڪو ميوو نٿو نڪري ۽ عورتون بہ پنهنجي پيٽ ۾ ڪجهہ نٿيون کڻن ۽ نہ جڻين ٿيون پر اهو الله کي معلوم هوندو آهي جنهن ڏينهن اهو انهن کي پڪاريندو ۽ چوندو ڪٿي آهن منهن جا شريڪ؟ اهي چوندا اسان توکي صاف چئي ڇڏيو آهي تہ اسان مان ڪوبہ انهيءَ ڳالهہ جو شاهد ڪونهي.

وَضَلَّ عَنْهُمْ مَا كَانُوا يَدْعُونَ مِنْ قَبْلُ ۖ وَظَنُّوا مَا لَهُمْ مِنْ مَحِيصٍ ﴿٤٨﴾

۴٩. ۽ جن (معبودن) کي اهي انهيءَ کان پهرين پڪاريندا هئا اهي انهن کان وڃائجي ويندا ۽ انهن کي يقين ٿي ويندو تہ هاڻي انهن جي لاءِ ڪيڏانهن ڀڄي وڃڻ جي جڳهہ ڪانهي.

لَا يَسْأَمُ الْإِنْسَانُ مِنْ دُعَاءِ الْخَيْرِ وَإِنْ مَسَّهُ الشَّرُّ فَيَئُوسٌ قَنُوطٌ ﴿٤٩﴾

٥٠. انسان سٺين شين جي گهرڻ کان ڪڏهين نٿو ٿڪجي . پر جيڪڏهين انهيءَ کي ڪڏهين ڪا تڪليف پهچي تہ (پهرين حالت کي ڀلائي) مايوس ٿي وڃيٿو.

وَلَئِنْ أَذَقْنَاهُ رَحْمَةً مِنَّا مِنْ بَعْدِ ضَرَّاءَ مَسَّتْهُ لَيَقُولَنَّ هَٰذَا لِي وَمَا أَظُنُّ السَّاعَةَ قَائِمَةً وَلَئِنْ رُجِعْتُ إِلَىٰ رَبِّي إِنَّ لِي عِنْدَهُ لَلْحُسْنَىٰ ۚ فَلَنُنَبِّئَنَّ الَّذِينَ كَفَرُوا بِمَا عَمِلُوا وَلَنُذِيقَنَّهُمْ مِنْ عَذَابٍ غَلِيظٍ ﴿٥٠﴾

٥١. ۽ جيڪڏهين اسان انهيءَ کي ڏک پهچڻ کانپوءِ رحمت جو مزو چکايون تہ اهو چويٿو هيءَ تہ منهن جو حق آهي ۽ مونکي يقين آهي تہ قيامت ڪانہ ايندي ۽ جيڪڏهين مونکي منهن جي رب ڏانهن موٽايو ويو تہ انهيءَ وٽ منهنجي لاءِ (هن دنيا کان) اعليٰ انعام موجود هوندا ۽ اسان ڪافرن کي ضرور انهن جي عملن جي باري ۾ خبر ڏينداسين ۽ انهن کي هڪ سخت عذاب چکائينداسين.

وَاِذَآ اَنْعَمْنَا عَلَى الْاِنْسَانِ اَعْرَضَ وَنَاٰ بِجَانِبِهٖ ۚ وَاِذَا مَسَّهُ الشَّرُّ فَذُوْ دُعَآءٍ عَرِيْضٍ ﴿٥٢﴾

٥٢. ۽ جڏهين اسان انسان تي انعام ڪيون ٿا تہ منهن موڙي ٿو وٺي ۽ اسان کان پاسيرو ٿي وڃيٿو ۽ جڏهن انهيءَ کي ڪا تڪليف پهچي ٿي تہ وڏيون ڊگهيون دعائون گهري ٿو.

قُلْ اَرَءَيْتُمْ اِنْ كَانَ مِنْ عِنْدِ اللّٰهِ ثُمَّ كَفَرْتُمْ بِهٖ مَنْ اَضَلُّ مِمَّنْ هُوَ فِيْ شِقَاقٍۢ بَعِيْدٍ ﴿٥٣﴾

٥٣. تون انهن کي چؤ مونکي ٻڌايو تہ سهي جيڪڏهين هيءَ (قرآن) الله جي طرفان ٿيو ۽ توهان انهيءَ جو انڪار ڪري ڇڏيو تہ انهيءَ شخص کان جيڪو حق کان تمام گهڻو پري پئجي وڃي ڪير وڌيڪ گمراهہ هوندو؟

سَنُرِيْهِمْ اٰيٰتِنَا فِي الْاٰفَاقِ وَفِيْٓ اَنْفُسِهِمْ حَتّٰى يَتَبَيَّنَ لَهُمْ اَنَّهُ الْحَقُّ ۭ اَوَلَمْ يَكْفِ بِرَبِّكَ اَنَّهٗ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ شَهِيْدٌ ﴿٥٤﴾

٥٤. اسان انهن ماڻهن کي سڄي دنيا جي سمورن طرفن ۾ بہ ضرور پنهنجا نشان ڏيکاريندا سين ۽ انهن جي جانين (۽ خاندانن) ۾ بہ ايستائين جو هي (ڳالهہ) انهن جيلاءِ بلڪل ظاهر ٿي ويندي تہ هيءَ قرآن) حق آهي ڇا تنهن جي رب جو هر شيءِ تي نگران ٿيڻ انهيءَ لاءِ ڪافي ڪونهي؟

اَلَآ اِنَّهُمْ فِيْ مِرْيَةٍ مِّنْ لِّقَآءِ رَبِّهِمْ ۭ اَلَآ اِنَّهٗ بِكُلِّ شَيْءٍ مُّحِيْطٌ ﴿٥٥﴾ ع

٥٥. خبردار! هي ماڻهو پنهن جي رب جي ملاقات جي باري ۾ شڪ ۾ پيل آهن ڪن کولي ٻڌو! الله هر شيءِ تي حاوي (۽ انهيءَ جي تباهہ ڪرڻ تي قادر) آهي.

## سُوْرَةُ الشُّوْرٰى مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ مَعَ الْبَسْمَلَةِ اَرْبَعٌ وَّخَمْسُوْنَ اٰيَةً وَّخَمْسَةُ رُكُوْعَاتٍ

سورت شوريٰ - هيءَ سورت مکي آهي ۽ بسم الله سميت هن جون چوونجاهہ آيتون ۽ پنج رڪوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ①

١- (مان) الله جو نالو وٺي جيڪو بيحد ڪرم ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي (پڙهانٿو)

حٰمٓ ②

٢- (هيءَ سورت) حميد (۽) مجيد

عٓسٓقٓ ③

٣- عليم ، سميع (۽) قدير (خدا نازل ڪئي آهي).

كَذٰلِكَ يُوْحِيْٓ اِلَيْكَ وَاِلَى الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِكَ ۙ اللّٰهُ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ④

٤- اهڙيءَ طرح الله توتي بہ وحي ڪريٿو ۽ انهن تي بہ (وحي ڪري چڪو آهي) جيڪي (ماڻهو ) توکان پهرين گذري چڪا آهن هو غالب بہ آهي (۽) حڪمت وارو بہ آهي.

لَهٗ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ ۭ وَهُوَ الْعَلِيُّ الْعَظِيْمُ ⑤

٥- آسمانن ۽ زمين ۾ جيڪي ڪجهہ آهي سڀ انهيءَ جو آهي - ۽ هو وڏي شان وارو آهي ۽ هن جي حڪومت هر طبقي جي مخلوق تي پکيڙيل آهي.

تَكَادُ السَّمٰوٰتُ يَتَفَطَّرْنَ مِنْ فَوْقِهِنَّ وَالْمَلٰۗىِٕكَةُ يُسَبِّحُوْنَ بِحَمْدِ رَبِّهِمْ وَيَسْتَغْفِرُوْنَ لِمَنْ فِي الْاَرْضِ ۭ اَلَآ اِنَّ اللّٰهَ هُوَ الْغَفُوْرُ الرَّحِيْمُ ⑥

٦- ويجهو آهي جو آسمان پنهنجي مٿان (غالب ذات جي حڪم جي سببان) ڦاٽي ڪري پون . باوجود انهيءَ جي جو ملائڪ پنهن جي رب جو حمد بہ ڪري رهيا آهن ۽ تسبيح بہ ڪري رهيا آهن ۽ جيڪي ماڻهو زمين ۾ آهن انهن جي لاءِ استغفار بہ ڪري رهيا آهن.پوءِ بہ خدا پنهن جي عذاب کي روڪيندو ڪونہ.انهيءَ لاءِ تہ انهيءَ جي غفاري ۽ رحيميت ظاهر ٿئي) بدو الله ڏاڍو

بخشڻ وارو (۽) بي انتها رحم ڪرڻ وارو آهي.

وَالَّذِيْنَ اتَّخَذُوْا مِنْ دُوْنِهٖٓ اَوْلِيَاۗءَ اللّٰهُ حَفِيْظٌ عَلَيْهِمْ ڮ وَمَآ اَنْتَ عَلَيْهِمْ بِوَكِيْلٍ ۝

٦. ۽ اهي ماڻهو جيڪي الله کانسواءِ ڪنهن کي پنهن جي پناهہ ڏيڻ وارو بنائين ٿا. الله انهن جي خلاف ٿيڻ وارن سڀني عملن کي محفوظ ڪري ڇڏيو آهي ۽ تون انهن تي نگران نہ آهين (خدا ئي نگران آهي).

وَكَذٰلِكَ اَوْحَيْنَآ اِلَيْكَ قُرْاٰنًا عَرَبِيًّا لِّتُنْذِرَ اُمَّ الْقُرٰى وَمَنْ حَوْلَهَا وَتُنْذِرَ يَوْمَ الْجَمْعِ لَا رَيْبَ فِيْهِ ۭ فَرِيْقٌ فِي الْجَنَّةِ وَفَرِيْقٌ فِي السَّعِيْرِ ۝

٨. ۽ انهيءَ طرح (يعني پنهن جي نگران هئڻ جي ثبوت ۾) اسان قرآن کي عربيءَ زبان ۾ تو ڏانهن لاٿو آهي انهيءَ لاءِ تون ملڪ جي مرڪز جي ماڻهن کي ۽ انهيءَ جي آسپاس رهڻ وارن کي هوشيار ڪرين ۽ انهيءَ لاءِ تہ تون انهيءَ وقت کان هوشيار ڪرين جڏهن سڀ ماڻهو جمع ڪيا ويندا جنهن جي اچڻ ۾ ڪوبہ شڪ ڪونهي انهيءَ ڏينهن هڪ گروهہ تہ جنت ۾ ويندو ۽ هڪ گروهہ دوزخ ۾ ويندو.

وَلَوْ شَاۗءَ اللّٰهُ لَجَعَلَهُمْ اُمَّةً وَّاحِدَةً وَّلٰكِنْ يُّدْخِلُ مَنْ يَّشَاۗءُ فِيْ رَحْمَتِهٖ ۭ وَالظّٰلِمُوْنَ مَا لَهُمْ مِّنْ وَّلِيٍّ وَّلَا نَصِيْرٍ ۝

٩. ۽ جيڪڏهين الله پنهن جي مرضيءَ کان ڪم وٺي ها (يعني زبردستي ڪري ها) تہ انهن سڀني کي هڪ جماعت بنائي ڇڏي ها پر اهو جنهن کي چاهيٿو پنهن جي رحمت ۾ داخل ڪريٿو ۽ ظالمن لاءِ نہ ڪو پناهہ ڏيڻ وارو هوندو آهي ۽ نہ مددگار.

اَمِ اتَّخَذُوْا مِنْ دُوْنِهٖٓ اَوْلِيَاۗءَ ۚ فَاللّٰهُ هُوَ الْوَلِيُّ وَهُوَ يُـحْيِ الْمَوْتٰى ۡ وَهُوَ عَلٰي كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ۝ ع

١٠. ڇا انهن الله کانسواءِ ڪنهن ٻئي کي پناهہ ڏيڻ وارو ٺهرايو آهي؟ پوءِ (ياد رهي تہ) الله ئي پناهہ ڏيڻ وارو آهي ۽ اهوئي مردا زندهہ ڪريٿو ۽ اهو پنهن جي هر ارادي کي پوري ڪرڻ تي قادر آهي.

وَمَا اخْتَلَفْتُمْ فِيْهِ مِنْ شَيْءٍ فَحُكْمُهٗٓ اِلَى اللّٰهِ ۭ

١١. ۽ جنهن بہ (ڳالهہ) ۾ توهان اختلاف ڪيو انهيءَ جو آخري فيصلو الله جي ئي

ذٰلِكُمُ اللّٰهُ رَبِّيْ عَلَيْهِ تَوَكَّلْتُ ۖ وَاِلَيْهِ اُنِيْبُ ﴿۱۰﴾

قبضي ۾ آهي اهو آهي توهانجو الله جيڪو منهن جو بہ رب آهي - مون انهيءَ تي ئي توڪل ڪئي آهي ۽ انهيءَ جي طرف مان جهڪانئو.

فَاطِرُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۭ جَعَلَ لَكُمْ مِّنْ اَنْفُسِكُمْ اَزْوَاجًا وَّمِنَ الْاَنْعَامِ اَزْوَاجًا ۚ يَذْرَؤُكُمْ فِيْهِ ۭ لَيْسَ كَمِثْلِهٖ شَيْءٌ ۚ وَهُوَ السَّمِيْعُ الْبَصِيْرُ ﴿۱۱﴾

۱۲- هو آسمانن ۽ زمين جو پيدا ڪرڻ وارو آهي انهيءَ توهانجي ئي جنس مان توهانجا ساٿي بنايا آهن ۽ چوپاين جا بہ جوڙا بنايا آهن ۽ اهڙيءَ طرح اهو توهانکي زمين ۾ وڌائيندو انهيءَ جهڙي ڪابہ شيءِ ڪانهي ۽ اهو ڏاڍو ٻڌڻ وارو (۽) ڏسڻ وارو آهي.

لَهٗ مَقَالِيْدُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۚ يَبْسُطُ الرِّزْقَ لِمَنْ يَّشَاۗءُ وَيَقْدِرُ ۭ اِنَّهٗ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمٌ ﴿۱۲﴾

۱۳- آسمانن جون ڪنجيون بہ انهيءَ جي هٿ ۾ آهن ۽ زمين جون بہ اهو جنهن لاءِ چاهيندو رزق ۾ ڪشادگي ڏئيندو ۽ (جنهن لاءِ چاهيندو رزق ۾) تنگي ڪري ڇڏيندو اهو هر هڪ ڳالهہ کي تمام چڱيءَ طرح ڄاڻيندو.

شَرَعَ لَكُمْ مِّنَ الدِّيْنِ مَا وَصّٰى بِهٖ نُوْحًا وَّالَّذِيْٓ اَوْحَيْنَآ اِلَيْكَ وَمَا وَصَّيْنَا بِهٖٓ اِبْرٰهِيْمَ وَمُوْسٰى وَعِيْسٰٓى اَنْ اَقِيْمُوا الدِّيْنَ وَلَا تَتَفَرَّقُوْا فِيْهِ ۭ كَبُرَ عَلَى الْمُشْرِكِيْنَ مَا تَدْعُوْهُمْ اِلَيْهِ ۭ اَللّٰهُ يَجْتَبِيْٓ اِلَيْهِ مَنْ يَّشَاۗءُ وَيَهْدِيْٓ اِلَيْهِ مَنْ يُّنِيْبُ ﴿۱۳﴾

۱۴- انهيءَ (الله) توکي (اصولي طور تي) اهوئي دين ڏنو آهي جنهن جو تاڪيد هن نوح کي ڪيو هو - ۽ جيڪو اسان هاڻي توتي (قرآن جي ذريعي) نازل ڪيو آهي ۽ جنهن جو تاڪيد اسان ابراهيم ۽ موسيٰ ۽ عيسيٰ کي ڪيو هو ۽ اهو هيءَ هو تہ (الله جي) اطاعت کي دنيا ۾ قائم ڪيو ۽ انهيءَ (دين) جي باري ۾ اختلاف ڪڏهين بہ نہ ڪندا ڪيو. مشرڪن تي اها (تعليم ڏاڍي) ڳري ٿي گذري جنهن طرف تون انهن کي سڏين ٿو حالانڪ الله جي نظر ۾ جيڪو پسند ٿيل هوندو آهي. هو انهيءَ کي انهيءَ (دين) لاءِ چونڊيندو آهي ۽ اها تعليم انهيءَ کي ملندي آهي جيڪو خدا جي طرف هميشه جهڪيل رهندو آهي.

وَ مَا تَفَرَّقُوْٓا اِلَّا مِنْۢ بَعْدِ مَا جَآءَهُمُ الْعِلْمُ
بَغْيًاۢ بَيْنَهُمْ ۭ وَلَوْلَا كَلِمَةٌ سَبَقَتْ مِنْ رَّبِّكَ
اِلٰٓى اَجَلٍ مُّسَمًّى لَّقُضِيَ بَيْنَهُمْ ۭ وَاِنَّ الَّذِيْنَ
اُوْرِثُوا الْكِتٰبَ مِنْۢ بَعْدِهِمْ لَفِيْ شَكٍّ مِّنْهُ مُرِيْبٍ ﴿١٥﴾

١٥- ۽ ڪافرن دين جي معاملي ۾ اختلاف ڪونہ ڪيو پر انهيءَ ڪانپوءِ جو انهن وٽ هڪ ڪامل علم (يعني قرآن) اچي ويو ۽ اهو اختلاف انهن (ڪنهن عقلي دليل جي سببان نہ ڪيو پر) پاڻ ۾ بغض ۽ حسد جي سببان ڪيو آهي. ۽ جيڪڏهين تنهن جي رب جي طرفان هڪ مقرر مدت تائين هڪ ڳالهہ جو فيصلو نہ ٿي چڪو هجي ها تہ انهن ڪافرن جي تباهي ڪڏهوڪي ٿي وڃي ها ۽ اهي ماڻهو جن کي انهن (پهرين ماڻهن) ڪانپوءِ ڪتاب جو وارث ڪيو ويو آهي اهي هن ڪتاب جي سببان هڪ اهڙي شڪ ۾ مبتلا آهن جيڪو انهن جي دل ۾ بي آرامي پيدا ڪري رهيو آهي.

فَلِذٰلِكَ فَادْعُ ۚ وَاسْتَقِمْ كَمَآ اُمِرْتَ ۚ وَلَا تَتَّبِعْ
اَهْوَاۗءَهُمْ ۚ وَقُلْ اٰمَنْتُ بِمَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ مِنْ كِتٰبٍ ۚ
وَاُمِرْتُ لِاَعْدِلَ بَيْنَكُمْ ۭ اَللّٰهُ رَبُّنَا وَرَبُّكُمْ ۭ
لَنَآ اَعْمَالُنَا وَلَكُمْ اَعْمَالُكُمْ ۭ لَا حُجَّةَ بَيْنَنَا وَ
بَيْنَكُمْ ۭ اَللّٰهُ يَجْمَعُ بَيْنَنَا ۚ وَاِلَيْهِ الْمَصِيْرُ ﴿١٦﴾

١٦- پوءِ تون (انهيءَ دين ڏانهن) ماڻهن کي سڏ ۽ تون (اهڙي طرح دين تي) پختگيءَ سان قائم رهہ جهڙي طرح توکي چيو ويو آهي ۽ انهن جي خواهشن جي پيروي نہ ڪر ۽ چؤ تہ الله پنهن جي ڪتاب سان جيڪي ڪي نازل ڪيو آهي مان انهيءَ تي ايمان آڻيان ٿو ۽ مونکي حڪم ڏنو ويو آهي تہ مان توهانجي وچ عدل سان فيصلو ڪيان. الله اسانجو بہ رب آهي ۽ توهانجو بہ رب (آهي) اسان جا عمل اسان ساڻ آهن ۽ توهانجا عمل توهان ساڻ (آهن) توهانجي ۽ اسانجي وچ ڪوبہ جهڳڙو ڪونهي. الله اسانکي (هڪ ڏينهن) گڏ ڪندو ۽ انهيءَ ڏانهن اسان سڀني کي موٽي وڃڻو آهي.

وَالَّذِيْنَ يُحَاۗجُّوْنَ فِي اللّٰهِ مِنْۢ بَعْدِ مَا اسْتُجِيْبَ

١٧- ۽ اهي ماڻهو جيڪي الله جي باري ۾ بحث ڪن ٿا جڏهين تہ (ماڻهن جو هڪ

لَهٗ حُجَّتُهُمْ دَاحِضَةٌ عِنْدَ رَبِّهِمْ وَ عَلَيْهِمْ غَضَبٌ وَّلَهُمْ عَذَابٌ شَدِيْدٌ ﴿١٧﴾

وڏو تعداد) انهيءَ جي آواز کي قبول ڪري چڪو آهي انهن جو دليل انهن جي رب جي حضور نوڙيو وڃڻ وارو آهي انهن تي غضب نازل ٿيندو ۽ انهن جيلاءِ سخت عذاب (مقدر) آهي.

اَللّٰهُ الَّذِيْٓ اَنْزَلَ الْكِتٰبَ بِالْحَقِّ وَ الْمِيْزَانَ ؕ وَمَا يُدْرِيْكَ لَعَلَّ السَّاعَةَ قَرِيْبٌ ﴿١٨﴾

١٨۔ الله اهوئي آهي جنهن حق سان انهيءَ ڪامل ڪتاب (قرآن) ۽ ميزان لاٿو آهي ۽ توهانکي ڪهڙيءَ (ڳالهہ) ٻڌايو آهي تہ مقرر وقت ويجهو اچي ويو آهي.

يَسْتَعْجِلُ بِهَا الَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ بِهَا ۚ وَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مُشْفِقُوْنَ مِنْهَا ۙ وَ يَعْلَمُوْنَ اَنَّهَا الْحَقُّ ؕ اَلَآ اِنَّ الَّذِيْنَ يُمَارُوْنَ فِي السَّاعَةِ لَفِيْ ضَلٰلٍ بَعِيْدٍ ﴿١٩﴾

١٩۔ جيڪي ماڻهو انهيءَ تي ايمان نٿا آڻين اهي انهيءَ جي جلد اچڻ جا خواهشمند آهن ۽ مومن تہ انهيءَ کان ڊڄندا رهن ٿا ۽ يقين رکن ٿا تہ اهو واقعي ٿي رهڻو آهي ٻڌوا جيڪي ماڻهو قيامت ۾ شڪ ڪن ٿا. اهي هڪ لاعلاج گمراهيءَ ۾ مبتلا آهن.

اَللّٰهُ لَطِيْفٌۢ بِعِبَادِهٖ يَرْزُقُ مَنْ يَّشَآءُ ۚ وَ هُوَ الْقَوِيُّ الْعَزِيْزُ ﴿٢٠﴾ ع ٢

٢٠۔ الله پنهن جن ٻانهن جي لڪل رازن کي ڄاڻيندڙ جنهن کي چاهيندو رزق جهجهو ڏئي ٿو ۽ جنهن جي لاءِ چاهي رزق ۾ گهٽتائي ڪري ڇڏيندو. اهو وڏي طاقت وارو (۽) غالب آهي.

مَنْ كَانَ يُرِيْدُ حَرْثَ الْاٰخِرَةِ نَزِدْ لَهٗ فِيْ حَرْثِهٖ ۚ وَمَنْ كَانَ يُرِيْدُ حَرْثَ الدُّنْيَا نُؤْتِهٖ مِنْهَا وَ مَا لَهٗ فِي الْاٰخِرَةِ مِنْ نَّصِيْبٍ ﴿٢١﴾

٢١۔ جيڪو بہ آخرت جي پوک گهريندو اسان انهيءَ جي (آخرت جي) پوک کي انهيءَ لاءِ وڌائيندا وڃون ٿا ۽ جيڪو انسان هن دنيا جي پوک گهري ٿو اسان انهيءَ (کي هن دنيا جي پوک) مان انهيءَ جو حصو ڏيون ٿا (يعني دنيوي متاع انهيءَ کي ملي ويندو) ۽ آخرت ۾ انهيءَ جو ڪوبہ حصو نہ هوندو آهي.

اَمْ لَهُمْ شُرَكٰٓؤُا شَرَعُوْا لَهُمْ مِّنَ الدِّيْنِ مَا لَمْ يَاْذَنْۢ بِهِ اللّٰهُ ؕ وَلَوْلَا كَلِمَةُ الْفَصْلِ لَقُضِيَ بَيْنَهُمْ ؕ وَ اِنَّ الظّٰلِمِيْنَ لَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿٢٢﴾

٢٢۔ ڇا انهن جيلاءِ ڪي اهڙا شريڪ آهن جن انهن جيلاءِ اهڙي ديني تعليم تجويز ڪئي آهي جنهن جو الله حڪم نہ ڏنو آهي ۽ جيڪڏهين (الله تعاليٰ جي طرفان) آخري

فيصلو نہ ٿي چڪو هجي ها تہ انهن جي وچ ۾ فيصلو ڪيو وڃي ها ۽ ظالمن کي يقينن دردناڪ عذاب پهچندو.

تَرَى الظّٰلِمِيْنَ مُشْفِقِيْنَ مِمَّا كَسَبُوْا وَهُوَ وَاقِعٌۢ بِهِمْ ؕ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ فِيْ رَوْضٰتِ الْجَنّٰتِ ۚ لَهُمْ مَّا يَشَآءُوْنَ عِنْدَ رَبِّهِمْ ؕ ذٰلِكَ هُوَ الْفَضْلُ الْكَبِيْرُ ﴿٢٣﴾

٢٣. تون ظالمن کي ڏسين ٿو تہ اهي پنهن جي عمل جي سببان ڊڄي رهيا آهن حالانڪ اهو (موعود عذاب) انهن تي ضرور نازل ٿيڻ وارو آهي ۽ اهي ماڻهو جن ايمان آندو ۽ ايمان جي مطابق عمل ڪيا، اهي گهاٽن باغن ۾ هوندا (۽) انهن جي رب وٽ انهن جيلاءِ اهو سڀ ڪجهہ موجود هوندو جنهن جي انهن کي خواهش هوندي اهوئي وڏو فضل آهي.

ذٰلِكَ الَّذِيْ يُبَشِّرُ اللّٰهُ عِبَادَهُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ ؕ قُلْ لَّآ اَسْـَٔلُكُمْ عَلَيْهِ اَجْرًا اِلَّا الْمَوَدَّةَ فِي الْقُرْبٰى ؕ وَمَنْ يَّقْتَرِفْ حَسَنَةً نَّزِدْ لَهٗ فِيْهَا حُسْنًا ؕ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ شَكُوْرٌ ﴿٢٤﴾

٢٤. اهائي اها شيءِ آهي جنهن جي الله پنهن جي مومن ٻانهن کي بشارت ڏئيٿو. اهڙن مومن ٻانهن کي جيڪي ايمان جي مطابق عمل بہ ڪندا آهن - تون چؤ مان پنهنجي خدمت جي بدلي ۾ توهان کان ڪوبہ اجر نٿو گهران، سواءِ انهيءَ محبت جي جيڪا پنهن جي ويجهي ۾ ويجهن رشتيدارن کان ڪئي ويندي آهي ۽ جيڪو شخص ڪو نيڪيءَ جو ڪم ڪريٿو اسان انهيءَ جي نيڪيءَ کي انهيءَ جي لاءِ اڃا وڌيڪ حسين بڻائي ڇڏيندا آهيون الله ڏاڍو بخشڻ وارو (۽) قدردان آهي.

اَمْ يَقُوْلُوْنَ افْتَرٰى عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا ۚ فَاِنْ يَّشَاِ اللّٰهُ يَخْتِمْ عَلٰى قَلْبِكَ ؕ وَيَمْحُ اللّٰهُ الْبَاطِلَ وَيُحِقُّ الْحَقَّ بِكَلِمٰتِهٖ ؕ اِنَّهٗ عَلِيْمٌۢ بِذَاتِ الصُّدُوْرِ ﴿٢٥﴾

٢٥. ڇا اهي چون ٿا تہ انهيءَ شخص (يعني محمد رسول الله عليه وسلم) خدا تي ڪوڙ ٻڌو آهي - پوءِ جيڪڏهين الله چاهي تہ تنهن جي دل تي مهر لڳائي ڇڏي - ۽ الله هميشه باطل کي مٽائي ڇڏيندو آهي ۽ حق کي پنهن جي نشان جي ذريعي قائم ڪري ڇڏي ٿو اهو

دلين جي ڳالهين کي ڄاڻيٿو.

وَهُوَ الَّذِیْ یَقْبَلُ التَّوْبَةَ عَنْ عِبَادِهٖ وَ یَعْفُوْا عَنِ السَّیِّاٰتِ وَ یَعْلَمُ مَا تَفْعَلُوْنَ ﴿۲۵﴾

٢٦. ۽ اهوئي آهي جيڪو پنهنجن ٻانهن جي توبهه کي قبول ڪريٿو ۽ انهن جي غلطين کي معاف ڪريٿو ۽ جيڪي ڪجهه توهان ڪيو ٿا انهيءَ کي ڄاڻيٿو.

وَ یَسْتَجِیْبُ الَّذِیْنَ اٰمَنُوْا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ وَ یَزِیْدُهُمْ مِّنْ فَضْلِهٖ ؕ وَ الْكٰفِرُوْنَ لَهُمْ عَذَابٌ شَدِیْدٌ ﴿۲۶﴾

٢٧. ۽ مومنن ۽ ايمان جي مطابق عمل ڪرڻ وارن جي دعائن کي قبول ڪريٿو ۽ پنهن جي فضل سان (جيتري بدلي جا اهي مستحق آهن انهيءَ کان بہ) وڌيڪ انهن کي ڏئيٿو. ۽ ڪافرن جي لاءِ سخت عذاب مقرر آهي.

وَ لَوْ بَسَطَ اللّٰهُ الرِّزْقَ لِعِبَادِهٖ لَبَغَوْا فِی الْاَرْضِ وَ لٰكِنْ یُّنَزِّلُ بِقَدَرٍ مَّا یَشَآءُ ؕ اِنَّهٗ بِعِبَادِهٖ خَبِیْرٌۢ بَصِیْرٌ ﴿۲۷﴾

٢٨. ۽ جيڪڏهين الله پنهنجن ٻانهن جيلاءِ رزق کي تمام ڪشادو ڪري ڇڏي ها تہ اهي ملڪ ۾ ڏاڍي سرڪشي ڪرڻ لڳي وڃن ها. پر هو جيڪي ڪجهہ چاهيٿو اندازي جي مطابق لاهيٿو اهو پنهن جن ٻانهن جي حالتن کان باخبر (۽) انهن جي حالت کي ڏسڻ وارو آهي.

وَ هُوَ الَّذِیْ یُنَزِّلُ الْغَیْثَ مِنْۢ بَعْدِ مَا قَنَطُوْا وَ یَنْشُرُ رَحْمَتَهٗ ؕ وَ هُوَ الْوَلِیُّ الْحَمِیْدُ ﴿۲۸﴾

٢٩. ۽ اهوئي آهي جيڪو مايوسيءَ کانپوءِ بارش وسائيٿو ۽ پنهن جي رحمت کي پکيڙي ڇڏي ٿو ۽ اهوئي (سچو) پناهہ ڏيڻ وارو (۽) سڀني تعريفن جو مالڪ آهي.

وَ مِنْ اٰیٰتِهٖ خَلْقُ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ وَ مَا بَثَّ فِیْهِمَا مِنْ دَآبَّةٍ ؕ وَ هُوَ عَلٰی جَمْعِهِمْ اِذَا یَشَآءُ قَدِیْرٌ ﴿۲۹﴾ ع

٣٠. ۽ آسمانن ۽ زمين جي پيدائش ۽ جيڪي ڪجهہ انهن ٻنهي جي وچ ۾ جاندارن جي قسمن مان انهي پکيڙيو آهي انهيءَ جي نشانين مان آهي ۽ جڏهين اهو چاهيندو انهن سڀني جي جمع ڪرڻ تي قادر هوندو.

وَ مَاۤ اَصَابَكُمْ مِّنْ مُّصِیْبَةٍ فَبِمَا كَسَبَتْ اَیْدِیْكُمْ وَ یَعْفُوْا عَنْ كَثِیْرٍ ﴿۳۰﴾

٣١. ۽ جيڪا مصيبت توهانکي پهچي اها توهانجن عملن جي سبيان هوندي آهي ۽ الله توهانجن اڪثر قصورن کي معاف ڪريٿو.

وَمَآ اَنْتُمْ بِمُعْجِزِيْنَ فِى الْاَرْضِ ۚ وَمَا لَكُمْ
مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ مِنْ وَّلِيٍّ وَّلَا نَصِيْرٍ ﴿٣٢﴾

٣٢۔ ۽ توهان (الله کي) انهيءَ جي ارادي ۾ ڪٿي بہ زمين تي ناڪام نٿا ڪري سگهو ۽ الله ڪانسواءِ توهانکي ڪوبہ پناهہ ڏيڻ وارو ڪونهي، نہ ڪو توهانجو مددگار آهي.

وَمِنْ اٰيٰتِهِ الْجَوَارِ فِى الْبَحْرِ كَالْاَعْلَامِ ﴿٣٣﴾

٣٣۔ ۽ انهيءَ جي نشانن مان پهاڙن جهڙيون سمنڊ ۾ هلڻ واريون ٻيڙيون آهن (يعني جيڪي تمام وڏيون وڏيون ٿينديون آهن).

اِنْ يَّشَاْ يُسْكِنِ الرِّيْحَ فَيَظْلَلْنَ رَوَاكِدَ عَلٰى ظَهْرِهٖ ۚ
اِنَّ فِىْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّكُلِّ صَبَّارٍ شَكُوْرٍ ﴿٣٤﴾

٣٤۔ ۽ جيڪڏهين اهو چاهي تہ هوا کي بيهاري ڇڏي۔اهي سمنڊ جي سطح تي بيٺي ئي رهجي وڃن۔انهيءَ ۾ هر صبر ڪرڻ واري قدردان جي لاءِ نشانيون آهن.

اَوْ يُوْبِقْهُنَّ بِمَا كَسَبُوْا وَيَعْفُ عَنْ كَثِيْرٍ ﴿٣٥﴾

٣٥۔ يا جيڪڏهين هو چاهي تہ ٻيڙيءَ وارن کي انهن جي عملن جي سببان تباهہ ڪري ڇڏي ۽ هو ڪيترن گناهن کي معاف ڪري ڇڏي ٿو.

وَّيَعْلَمَ الَّذِيْنَ يُجَادِلُوْنَ فِىْٓ اٰيٰتِنَا ۭ مَا لَهُمْ مِّنْ
مَّحِيْصٍ ﴿٣٦﴾

٣٦۔ ۽ هو انهن ماڻهن کي ڄاڻي ٿو جيڪي اسانجي نشانن تي بحث ڪن ٿا انهن جي لاءِ ڀڄڻ جي ڪا جاءِ ڪانهي.

فَمَآ اُوْتِيْتُمْ مِّنْ شَيْءٍ فَمَتَاعُ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ۚ
وَمَا عِنْدَ اللّٰهِ خَيْرٌ وَّاَبْقٰى لِلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَلٰى
رَبِّهِمْ يَتَوَكَّلُوْنَ ﴿٣٧﴾

٣٧۔ ۽ جيڪي ڪي توهانکي ڏنو ويو آهي اهو دنيوي زندگيءَ جو سامان آهي ۽ جيڪي الله وٽ آهي اهو مومنن ۽ پنهن جي رب تي توڪل ڪرڻ وارن جي لاءِ وڌيڪ سٺو ۽ وڌيڪ ڄڻا دار آهي.

وَالَّذِيْنَ يَجْتَنِبُوْنَ كَبٰٓئِرَ الْاِثْمِ وَالْفَوَاحِشَ وَاِذَا
مَا غَضِبُوْا هُمْ يَغْفِرُوْنَ ﴿٣٨﴾

٣٨۔ ۽ (انهن جي لاءِ) جيڪي وڏن گناهن ۽ بدڪاريءَ کان بچن ٿا ۽ جڏهين انهن کي غصو اچي ٿو تہ معاف ڪري ڇڏين ٿا.

وَالَّذِيْنَ اسْتَجَابُوْا لِرَبِّهِمْ وَاَقَامُوا الصَّلٰوةَ ۠ وَاَمْرُهُمْ
شُوْرٰى بَيْنَهُمْ ۠ وَمِمَّا رَزَقْنٰهُمْ يُنْفِقُوْنَ ﴿٣٩﴾

٣٩۔ ۽ جيڪي پنهن جي رب جي آواز کي قبول ڪري وٺن ٿا ۽ نمازون با جماعت ادا ڪن ٿا ۽ انهن جو طريقو اهو آهي جو پنهن هر معاملي کي پاڻ ۾ مشوري سان طي ڪن

ٿا ۽ جيڪي ڪي اسان انهن کي ڏنو آهي انهيءَ مان خرچ ڪن ٿا.

وَالَّذِيْنَ إِذَآ أَصَابَهُمُ الْبَغْيُ هُمْ يَنْتَصِرُوْنَ ﴿٣٩﴾

٤٠. ۽ جڏهين انهن تي ڪو ظلم ٿئي ٿو تہ اهي بدلو تہ وٺن ٿا (پر هيءَ ياد رکن ٿا).

وَجَزٰٓؤُا سَيِّئَةٍ سَيِّئَةٌ مِّثْلُهَا ۚ فَمَنْ عَفَا وَأَصْلَحَ فَأَجْرُهٗ عَلَى اللّٰهِ ۗ إِنَّهٗ لَا يُحِبُّ الظّٰلِمِيْنَ ﴿٤٠﴾

٤١. تہ بديءَ جو بدلو ايتري ئي بدي ٿيندي آهي ۽ جيڪو معاف ڪري ۽ اصلاح کي مدنظر رکي تہ انهيءَ کي بدلو ڏيڻ الله جي ذمي هوندو آهي. اهو (الله) ظالمن کي پسند نٿو ڪري.

وَلَمَنِ انْتَصَرَ بَعْدَ ظُلْمِهٖ فَأُولٰٓئِكَ مَا عَلَيْهِمْ مِّنْ سَبِيْلٍ ﴿٤١﴾

٤٢. ۽ جيڪي ماڻهو پنهن جي ذات تي ظلم ٿيڻ ڪانپوءِ مناسب بدلو وٺن ٿا انهن تي ڪنهن بہ قسم جو اعتراض نٿو ٿي سگهي.

إِنَّمَا السَّبِيْلُ عَلَى الَّذِيْنَ يَظْلِمُوْنَ النَّاسَ وَيَبْغُوْنَ فِي الْأَرْضِ بِغَيْرِ الْحَقِّ ۚ أُولٰٓئِكَ لَهُمْ عَذَابٌ أَلِيْمٌ ﴿٤٢﴾

٤٣. اعتراض صرف انهن ماڻهن تي ٿئي ٿو، جيڪي ماڻهن تي ظلم (۽ حملي) ۾ شروعات ڪن ٿا ۽ زمين ۾ بغير ڪنهن حق جي زيادتي ڪرڻ لڳي وڃن ٿا اهڙن ماڻهن کي دردناڪ عذاب ملندو.

وَلَمَنْ صَبَرَ وَغَفَرَ إِنَّ ذٰلِكَ لَمِنْ عَزْمِ الْأُمُوْرِ ﴿٤٣﴾ ع

٤٤. ۽ جنهن صبر ڪيو ۽ معاف ڪيو تہ (انهيءَ جو) اهو (ڪم) وڏي همت وارن ڪمن مان آهي.

وَمَنْ يُّضْلِلِ اللّٰهُ فَمَا لَهٗ مِنْ وَّلِيٍّ مِّنْ بَعْدِهٖ ۗ وَتَرَى الظّٰلِمِيْنَ لَمَّا رَأَوُا الْعَذَابَ يَقُوْلُوْنَ هَلْ إِلٰى مَرَدٍّ مِّنْ سَبِيْلٍ ﴿٤٤﴾

٤٥. ۽ جنهن کي الله گمراهہ قرار ڏيئي، تہ انهي (الله) کي ڇڏي انهيءَ جو ڪوبہ مددگار نٿو ٿي سگهي ۽ تون ظالمن کي ڏسندين تہ جڏهين اهو عذاب ايندو ڏسندا تہ چوندا تہ ڇا هن عذاب کي موٽائڻ جي ڪا تدبير بہ آهي!

وَتَرٰىهُمْ يُعْرَضُوْنَ عَلَيْهَا خٰشِعِيْنَ مِنَ الذُّلِّ يَنْظُرُوْنَ مِنْ طَرْفٍ خَفِيٍّ ۗ وَقَالَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا إِنَّ الْخٰسِرِيْنَ الَّذِيْنَ خَسِرُوْٓا أَنْفُسَهُمْ وَأَهْلِيْهِمْ

٤٦. ۽ تون انهن کي ڏسندين تہ اهي ان عذاب جي سامهون پيش ڪيا ويندا ۽ ذلت جي سببان مٿو جهڪائيندي اکيون هيٺ ڪري ڏسي رهيا هوندا ۽ مومن چوندا تہ

يَوۡمَ الۡقِيٰمَةِ ؕ اَلَاۤ اِنَّ الظّٰلِمِيۡنَ فِىۡ عَذَابٍ مُّقِيۡمٍ ﴿۴۵﴾

اصل گهاٽو حاصل ڪرڻ وارا اهي آهن جن پنهن جي جانين ۽ اهل و عيال کي قيامت جي ڏينهن گهاٽي ۾ وڌو - ڪن ڪولي ٻڌو! ظالم ماڻهو هڪ قائم رهڻ واري عذاب ۾ هوندا.

وَمَا كَانَ لَهُمۡ مِّنۡ اَوۡلِيَآءَ يَنۡصُرُوۡنَهُمۡ مِّنۡ دُوۡنِ اللّٰهِ ؕ وَمَنۡ يُّضۡلِلِ اللّٰهُ فَمَا لَهٗ مِنۡ سَبِيۡلٍ ؕ ﴿۴۶﴾

٤٦- ۽ انهن کي پناهہ ڏيڻ وارو ڪوبہ نہ هوندو جيڪو انهن جي الله جي مقابلي ۾ مدد ڪري سگهي ۽ جنهن کي الله گمراهہ سمجهي ٿو انهيءَ کي رستي تي آڻڻ جي ڪابہ تدبير ڪانهي.

اِسۡتَجِيۡبُوۡا لِرَبِّكُمۡ مِّنۡ قَبۡلِ اَنۡ يَّاۡتِىَ يَوۡمٌ لَّا مَرَدَّ لَهٗ مِنَ اللّٰهِ ؕ مَا لَـكُمۡ مِّنۡ مَّلۡجَاٍ يَّوۡمَئِذٍ وَّمَا لَـكُمۡ مِّنۡ نَّكِيۡرٍ ﴿۴۷﴾

٤٨- توهان پنهن جي رب جي آواز جو (انهيءَ تي لبيڪ چوندي) جواب ڏيو. انهيءَ کان اڳ جو اهو وقت اچي وڃي جنهن کي الله جي مقابلي ۾ موٽائڻ وارو ڪوبہ ڪونهي. انهيءَ ڏينهن توهان جيلاءِ ڪابہ پناهہ جي جڳهہ نہ هوندي ۽ توهان جي لاءِ انڪار جي ڪابہ گنجائش نہ هوندي.

فَاِنۡ اَعۡرَضُوۡا فَمَاۤ اَرۡسَلۡنٰكَ عَلَيۡهِمۡ حَفِيۡظًا ؕ اِنۡ عَلَيۡكَ اِلَّا الۡبَلٰغُ ؕ وَاِنَّاۤ اِذَاۤ اَذَقۡنَا الۡاِنۡسَانَ مِنَّا رَحۡمَةً فَرِحَ بِهَا ۚ وَاِنۡ تُصِبۡهُمۡ سَيِّئَةٌ ۢ بِمَا قَدَّمَتۡ اَيۡدِيۡهِمۡ فَاِنَّ الۡاِنۡسَانَ كَفُوۡرٌ ﴿۴۸﴾

٤٩- پوءِ بہ جيڪڏهين اهي منهن موڙين نہ (ڪندا رهن) اسان توکي انهن تي نگران بنائي نہ موڪليو آهي توتي صرف ڳالهہ جو پهچائي ڇڏڻ فرض آهي ۽ جڏهين بہ اسان انسان کي پنهن جي طرفان رحمت پهچايون ٿا تہ اهو انهيءَ تي خوش ٿي وڃي ٿو ۽ جيڪڏهين انهيءَ جي ڪنهن عمل جي سببان (اسانجي طرفان) انهيءَ کي ڪا تڪليف پهچي تہ انسان بي شڪر بنجي وڃي ٿو (۽ پهرين سيني فضلن جو انڪار ڪري ڇڏيندو).

لِلّٰهِ مُلۡكُ السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضِ ؕ يَخۡلُقُ مَا يَشَآءُ ؕ يَهَبُ لِمَنۡ يَّشَآءُ اِنَاثًا وَّيَهَبُ لِمَنۡ يَّشَآءُ

٥٠. الله ئي جيلاءِ زمين ۽ آسمانن جي بادشاهت آهي جيڪي ڪجهہ چاهيٿو پيدا ڪري ٿو جنهن کي چاهي ٿو ڇوڪريون ڏئي

الذُّكُوْرَ ۝٥٠

ٿو جنهن کي چاهيئو ڇوڪرا ڏئي ٿو.

اَوْ يُزَوِّجُهُمْ ذُكْرَانًا وَّاِنَاثًا ۚ وَيَجْعَلُ مَنْ يَّشَآءُ عَقِيْمًا ۭ اِنَّهٗ عَلِيْمٌ قَدِيْرٌ ۝٥١

٥١. يا ڇوڪرين ۽ ڇوڪرن کي گڏائي ڏيئٿو (يعني ڇوڪريون بہ پيدا ٿين ٿيون ۽ ڇوڪرا بہ) ۽ جنهنکي چاهي ٿو سنڍ بنائي ڇڏيئٿو اهو وڏي علم وارو (۽) قدرت وارو آهي.

وَمَا كَانَ لِبَشَرٍ اَنْ يُّكَلِّمَهُ اللّٰهُ اِلَّا وَحْيًا اَوْ مِنْ وَّرَآئِ حِجَابٍ اَوْ يُرْسِلَ رَسُوْلًا فَيُوْحِيَ بِاِذْنِهٖ مَا يَشَآءُ ۭ اِنَّهٗ عَلِيٌّ حَكِيْمٌ ۝٥٢

٥٢. ۽ ڪنهن بہ ماڻهوءَ جي اها حيثيت ڪانهي جو الله انهيءَ سان وحي ڪانسواءِ يا پردي پٺيان ڳالهائڻ ڪانسواءِ ڪنهن ٻئي صورت سان ڪلام ڪري يا (انهيءَ جي طرف فرشتن مان) رسول (بنائي) موڪلي. جيڪي انهيءَ جي حڪم سان جيڪي ڪجهہ هو چوي ڳالهہ پهچائين - هو وڏي شان وارو (۽) حڪمتن جو واقف آهي.

وَكَذٰلِكَ اَوْحَيْنَآ اِلَيْكَ رُوْحًا مِّنْ اَمْرِنَا ۭ مَا كُنْتَ تَدْرِيْ مَا الْكِتٰبُ وَلَا الْاِيْمَانُ وَلٰكِنْ جَعَلْنٰهُ نُوْرًا نَّهْدِيْ بِهٖ مَنْ نَّشَآءُ مِنْ عِبَادِنَا ۭ وَاِنَّكَ لَتَهْدِيْٓ اِلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ ۝٥٣

٥٣. ۽ اهڙيءَ طرح اسان توڏانهن پنهن جي حڪم سان ڪلام نازل ڪيو آهي تون نہ ڄاڻيندو هئين تہ ڪتاب ڪهڙي شيءِ آهي ۽ نہ اهو ڄاڻيندو هئين تہ ايمان ڪهڙي شيءِ آهي پر اسان انهيءَ (تنهنجي وحيءَ) کي نور بڻائي ڇڏيو آهي ۽ انهيءَ جي ذريعي پنهنجن ٻانهن مان جنهن کي گهرون ٿا اسان هدايت ڏيندا آهيون ۽ تون يقيناً ماڻهن کي سڌي رستي ڏانهن آڻي رهيو آهين.

صِرَاطِ اللّٰهِ الَّذِيْ لَهٗ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ ۭ اَلَآ اِلَى اللّٰهِ تَصِيْرُ الْاُمُوْرُ ۝٥٤

٥٤. الله جي رستي ڏانهن جيڪو انهيءَ جو بہ مالڪ آهي جيڪي آسمانن ۾ آهي ۽ انهيءَ جو بہ جيڪي زمين ۾ آهي ٻڌو! سڀ ڳالهيون خدا ڏانهن ئي وڃن ٿيون (يعني سڀني ڳالهين جي شروعات ۽ پڇاڙي خدا جي هٿ ۾ آهي).

## سُوْرَةُ الزُّخْرُفِ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ مَعَ الْبَسْمَلَةِ تِسْعُوْنَ اٰيَةً وَّسَبْعَةُ رُكُوْعَاتٍ

سورت زخرف ، هيءَ سورت مڪي آهي ۽ بسم الله سميت هن جون نوي آيتون ۽ ست رڪوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ①

١- (مان) الله جو نالو وٺي جيڪو بيحد ڪرم ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي (پڙهانٿو)

حٰمٓ ②

٢- حميد ۽ مجيد (خدا جي طرفان هيءَ سورت نازل ٿي آهي)

وَالْكِتٰبِ الْمُبِيْنِ ③

معانقة عندالمتقدمين

٣- اسان هن ڪتاب جو قسم کائونٿا (يعني هن کي شاهديءَ طور پيش ڪيون ٿا) جيڪو پنهن جي مضمون کي کولي بيان ڪرڻ وارو آهي.

اِنَّا جَعَلْنٰهُ قُرْءٰنًا عَرَبِيًّا لَّعَلَّكُمْ تَعْقِلُوْنَ ④

٤- اسان هن ڪتاب کي قرآن بنايو آهي (۽ قرآن بہ) اهڙو جيڪو عربي آهي انهيءَ لاءِ تہ توهان سمجهو.

وَاِنَّهٗ فِيْٓ اُمِّ الْكِتٰبِ لَدَيْنَا لَعَلِيٌّ حَكِيْمٌ ⑤

٥- ۽ اهو (يعني قرآن) ام الڪتاب ۾ آهي ۽ اسان وٽ وڏي شان وارو (۽) وڏين حڪمتن وارو آهي.

اَفَنَضْرِبُ عَنْكُمُ الذِّكْرَ صَفْحًا اَنْ كُنْتُمْ قَوْمًا مُّسْرِفِيْنَ ⑥

٦- ڇا اسان توهان جي سامهون ذڪر (يعني ڪتاب) جو بيان ڪرڻ صرف انهيءَ لاءِ ڇڏي ڏيون جو توهان حد کان وڌيل قوم آهيو.

وَكَمْ اَرْسَلْنَا مِنْ نَّبِيٍّ فِي الْاَوَّلِيْنَ ⑦

٧- ۽ اسان پهرين قومن ۾ ڪيترائي نبي موڪليا آهن.

وَمَا يَاْتِيْهِمْ مِّنْ نَّبِيٍّ اِلَّا كَانُوْا بِهٖ يَسْتَهْزِءُوْنَ ⑧

٨- ۽ انهن وٽ ڪو نبي نہ ايندو هو جو اهي انهيءَ تي کلون نہ ڪندا هجن (پوءِ بہ اسان انهن ڏانهن وحي نازل ڪئي)

فَاَهْلَكْنَآ اَشَدَّ مِنْهُمْ بَطْشًا وَّمَضٰى مَثَلُ

٩- ۽ اسان انهن کان زيادہ طاقتور مائهن

الْاَوَّلِيْنَ ﴿٩﴾

کي (انڪار جي سببان) تباهه ڪري ڇڏيو هو (پوءِ انهن کي تباهه ڪرڻ ۾ ڪهڙي ڏکيائي آهي) ۽ انهن ماڻهن جي سامهون پهرين ماڻهن جون حالتون گذري به چڪيون آهن.

وَ لَئِنْ سَاَلْتَهُمْ مَّنْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضَ لَيَقُوْلُنَّ خَلَقَهُنَّ الْعَزِيْزُ الْعَلِيْمُ ﴿١٠﴾

١٠. ۽ جيڪڏهين تون انهن کان پڇين ته آسمانن ۽ زمين کي ڪنهن پيدا ڪيو آهي ته اهي چوندا غالب (۽) ڏاڍي علم رکڻ واري هستيءَ انهن کي پيدا ڪيو آهي.

الَّذِيْ جَعَلَ لَكُمُ الْاَرْضَ مَهْدًا وَّ جَعَلَ لَكُمْ فِيْهَا سُبُلًا لَّعَلَّكُمْ تَهْتَدُوْنَ ﴿١١﴾

١١. انهيءَ (هستيءَ) جنهن زمين کي توهان جي لاءِ وڇاڻو بنايو ۽ انهيءَ ۾ توهانجي لاءِ رستا بنايا آهن انهيءَ لاءِ ته توهان هدايت حاصل ڪيو.

وَالَّذِيْ نَزَّلَ مِنَ السَّمَآءِ مَآءًۢ بِقَدَرٍ فَاَنْشَرْنَا بِهٖ بَلْدَةً مَّيْتًا كَذٰلِكَ تُخْرَجُوْنَ ﴿١٢﴾

١٢. ۽ انهيءَ ڪڪر مان هڪ اندازي جي مطابق پاڻي وسايو آهي پوءِ انهيءَ جي ذريعي هڪ مردهه زمين کي زندهه ڪري ڇڏيو آهي اهڙيءَ طرح توهان به (زندهه ڪري) اٿاريا ويندؤ.

وَ الَّذِيْ خَلَقَ الْاَزْوَاجَ كُلَّهَا وَجَعَلَ لَكُمْ مِّنَ الْفُلْكِ وَ الْاَنْعَامِ مَا تَرْكَبُوْنَ ﴿١٣﴾

١٣. ۽ انهيءَ توهان جي لاءِ هر قسم جا جوڙا پيدا ڪيا آهن ۽ اهڙيءَ طرح چوپايا پيدا ڪيا آهن ۽ ٻيڙيون ٺاهيون آهن جن تي توهان سوار ٿيو ٿا.

لِتَسْتَوٗا عَلٰى ظُهُوْرِهٖ ثُمَّ تَذْكُرُوْا نِعْمَةَ رَبِّكُمْ اِذَا اسْتَوَيْتُمْ عَلَيْهِ وَ تَقُوْلُوْا سُبْحٰنَ الَّذِيْ سَخَّرَ لَنَا هٰذَا وَ مَا كُنَّا لَهٗ مُقْرِنِيْنَ ﴿١٤﴾

١٤. جڏهين توهان چڱيءَ طرح انهن تي ويهي وڃو. ته پوءِ پنهن جي رب جي نعمت کي ياد ڪيو ۽ هيئنءَ چئو ته پاڪ آهي اهو خدا جنهن اسانکي انهن تي قبضو بخشيو آهي حالانڪ اسان پنهن جي زور سان انهن کي پنهن جي حڪم هيٺ نٿي بنائي سگهياسين.

وَ اِنَّآ اِلٰى رَبِّنَا لَمُنْقَلِبُوْنَ ﴿١٥﴾

١٥. ۽ اسان يقينن هڪ ڏينهن پنهن جي رب ڏانهن موٽي وڃڻا آهيون.

وَجَعَلُوْا لَهٗ مِنْ عِبَادِهٖ جُزْءًا ۭ اِنَّ الْاِنْسَانَ لَكَفُوْرٌ مُّبِيْنٌ ﴿١٥﴾

١٦. (پر حال هي آهي جو) اهي خدا جي ڪن ٻانهن لاءِ ٻـه انهيءَ مان هڪ حصو تجويز ڪن ٿا (يعني انهن ٻانهن کي انهن جو اصل مالڪ ٺهرائين ٿا) انسان يقينا پڌرو بي شڪر آهي.

اَمِ اتَّخَذَ مِمَّا يَخْلُقُ بَنٰتٍ وَّاَصْفٰىكُمْ بِالْبَنِيْنَ ﴿١٦﴾

١٧. (انهنکان پڇو تـه سهي تـه) ڇا انهيءَ پنهن جي مخلوق مان پنهن جي لاءِ ڌيئرون ٺاهيون ۽ توهانکي پٽن سان فضيلت ڏني؟

وَاِذَا بُشِّرَ اَحَدُهُمْ بِمَا ضَرَبَ لِلرَّحْمٰنِ مَثَلًا ظَلَّ وَجْهُهٗ مُسْوَدًّا وَّهُوَ كَظِيْمٌ ﴿١٧﴾

١٨. ۽ جڏهن انهن مان ڪنهن کي انهيءَ شيءِ جي خبر ڏني ويندي آهي جنهن کي هو رحمان (خدا) جي طرف منسوب ڪندو آهي تـه انهيءَ جو منهن ڪارو ٿي ويندو آهي ۽ اهو غصي سان ڀرجي ويندو آهي.

اَوَمَنْ يُّنَشَّؤُا فِي الْحِلْيَةِ وَهُوَ فِي الْخِصَامِ غَيْرُ مُبِيْنٍ ﴿١٨﴾

١٩. ڇا اها جيڪا زيورن ۾ پلبي آهي ۽ جهيڙي ۾ پنهن جو مقصد ٺيڪ طرح ادا نٿي ڪري سگهي (اها خدا جي حصي ۾ ايندي آهي ۽ غالب رهڻ وارو مرد انسان جي حصي ۾)

وَجَعَلُوا الْمَلٰۗىِٕكَةَ الَّذِيْنَ هُمْ عِبٰدُ الرَّحْمٰنِ اِنَاثًا ۭ اَشَهِدُوْا خَلْقَهُمْ ۭ سَتُكْتَبُ شَهَادَتُهُمْ وَيُسْــَٔــلُوْنَ ﴿١٩﴾

٢٠. ۽ انهن ملائڪن کي جيڪي رحمان (خدا) جا ٻانها آهن عورتون قرار ڏيئي ڇڏيو آهي ڇا اهي انهن جي پيدائش جي وقت موجود هئا؟ جيڪڏهن اها ڳالهـ آهي تـه ضرور انهن جي شاهدي لکي ويندي ۽ انهن کان (قيامت جي ڏينهن) انهيءَ باري ۾ سوال ڪيو ويندو.

وَقَالُوْا لَوْ شَاۗءَ الرَّحْمٰنُ مَا عَبَدْنٰهُمْ ۭ مَا لَهُمْ بِذٰلِكَ مِنْ عِلْمٍ ۤ اِنْ هُمْ اِلَّا يَخْرُصُوْنَ ﴿٢٠﴾

٢١. ۽ اهي چون ٿا جيڪڏهن رحمان (خدا) چاهي ها تـه اسان انهيءَ ڪانسواءِ ٻين معبودن جي پرستش نـه ڪيون ها. اها ڳالهـ اهي رڳو دوکي سان چون ٿا انهيءَ جو انهن کي حقيقي علم هرگز حاصل نـه آهي.

اَمْ اٰتَيْنٰهُمْ كِتٰبًا مِّنْ قَبْلِهٖ فَهُمْ بِهٖ مُسْتَمْسِكُوْنَ ﴿٢١﴾

٢٢۔ ڇا اسان انهن کي هن (قرآن) کان پهرين ڪو اهڙو ڪتاب ڏنو آهي (جنهن ۾ اها ڳالهہ لکيل آهي) جو اهي انهيءَ جي ذريعي دليل ڪيو رهيا آهن.

بَلْ قَالُوْٓا اِنَّا وَجَدْنَآ اٰبَآءَنَا عَلٰٓى اُمَّةٍ وَّاِنَّا عَلٰٓى اٰثٰرِهِمْ مُّهْتَدُوْنَ ﴿٢٢﴾

٢٣۔ ائين نہ آهي، پر حقيقت اها آهي تہ اهي ماڻهو انهيءَ ڳالهہ تي هوڏ ڀڏيو ويٺا آهن تہ اسان پنهن جن ابن ڏاڏن کي هڪ طريقي تي ڏٺو هو ۽ اسان انهن جي ئي نقش قدم تي هلندا رهنداسين.

وَكَذٰلِكَ مَآ اَرْسَلْنَا مِنْ قَبْلِكَ فِيْ قَرْيَةٍ مِّنْ نَّذِيْرٍ
اِلَّا قَالَ مُتْرَفُوْهَآ اِنَّا وَجَدْنَآ اٰبَآءَنَا عَلٰٓى اُمَّةٍ وَّ
اِنَّا عَلٰٓى اٰثٰرِهِمْ مُّقْتَدُوْنَ ﴿٢٣﴾

٢٤۔ ۽ (اي رسول!) توکان پهرين اسان ڪنهن بستيءَ ۾ بہ رسول نہ موڪليو جو انهن ئي وانگر انهن جي مالدارن اهو نہ چيو هجي تہ اسان پنهن جن ابن ڏاڏن کي هڪ طريقيَ تي ڏٺو هو ۽ اسان انهن جي ئي نقش قدم تي هلنداسين.

قٰلَ اَوَلَوْ جِئْتُكُمْ بِاَهْدٰى مِمَّا وَجَدْتُّمْ عَلَيْهِ
اٰبَآءَكُمْ قَالُوْٓا اِنَّا بِمَآ اُرْسِلْتُمْ بِهٖ كٰفِرُوْنَ ﴿٢٤﴾

٢٥۔ (انهيءَ تي هر رسول) جواب ڏنو تہ ڇا جيڪڏهين مان توهان وٽ انهيءَ کان بهتر تعليم آڻيان جنهن تي توهان پنهن جن ابن ڏاڏن کي ڏٺو هو (تڏهين بہ توهان انهيءَ تي (هوڏ ڪندؤ؟) تہ انهن جواب ڏنو تہ جنهن تعليم سان توکي موڪليو ويو آهي اسان انهيءَ جا منڪر آهيون!

فَانْتَقَمْنَا مِنْهُمْ فَانْظُرْ كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ
الْمُكَذِّبِيْنَ ﴿٢٥﴾ ع

٢٦۔ ۽ اسان انهن کان بدلو ورتو پوءِ ڏسي وٺ تہ ڪوڙي ڪرڻ وارن جو انجام ڇا ٿيو.

وَاِذْ قَالَ اِبْرٰهِيْمُ لِاَبِيْهِ وَقَوْمِهٖٓ اِنَّنِيْ بَرَآءٌ
مِّمَّا تَعْبُدُوْنَ ﴿٢٦﴾

اِلَّا الَّذِيْ فَطَرَنِيْ فَاِنَّهٗ سَيَهْدِيْنِ ﴿٢٧﴾

٢٧۔ ٢٨۔ ۽ (ياد ڪيو) جڏهين ابراهيم پنهن جي پيءُ ۽ پنهن جي قوم کي چيو هو تہ جن (هستين) جي توهان عبادت ڪيو ٿا، مان انهن کان، سواءِ انهيءَ (خدا) جي جنهن مونکي پيدا ڪيو آهي بيزار آهيان ۽ اهو مونکي يقينن هدايت ڏيندو.

وَ جَعَلَهَا كَلِمَةًۢ بَاقِيَةً فِيْ عَقِبِهٖ لَعَلَّهُمْ يَرْجِعُوْنَ ﴿٢٩﴾

٢٩. ۽ ابراهيم انهيءَ تعليم کي پنهن جي نسل ۾ هڪ مستقل يادگار ڇڏيو انهيءَ لاءِ تہ اهي (شرڪ کان) باز اچي وڃن.

بَلْ مَتَّعْتُ هٰٓؤُلَآءِ وَ اٰبَآءَهُمْ حَتّٰى جَآءَهُمُ الْحَقُّ وَ رَسُوْلٌ مُّبِيْنٌ ﴿٣٠﴾

٣٠. حقيقت اها آهي تہ مون انهن ماڻهن کي ۽ انهن جي ابن ڏاڏن کي دنيوي فائدو پهچايو ايستائين جو انهن وٽ حق بہ ۽ کولي بيان ڪرڻ وارو رسول بہ اچي ويو.

وَ لَمَّا جَآءَهُمُ الْحَقُّ قَالُوْا هٰذَا سِحْرٌ وَّ اِنَّا بِهٖ كٰفِرُوْنَ ﴿٣١﴾

٣١. ۽ جڏهين انهن وٽ حق اچي ويو تہ انهن چيو اهي تہ محض دلفريب ڳالهيون آهن ۽ اسان انهيءَ جا منڪر آهيون.

وَ قَالُوْا لَوْ لَا نُزِّلَ هٰذَا الْقُرْاٰنُ عَلٰى رَجُلٍ مِّنَ الْقَرْيَتَيْنِ عَظِيْمٍ ﴿٣٢﴾

٣٢. ۽ اهو بہ اعتراض ڪيو تہ هي قرآن ٻنهي وڏن شهرن مان ڪنهن وڏي ماڻهو تي ڇو نازل نہ ٿيو؟

اَهُمْ يَقْسِمُوْنَ رَحْمَتَ رَبِّكَ ؕ نَحْنُ قَسَمْنَا بَيْنَهُمْ مَّعِيْشَتَهُمْ فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَ رَفَعْنَا بَعْضَهُمْ فَوْقَ بَعْضٍ دَرَجٰتٍ لِّيَتَّخِذَ بَعْضُهُمْ بَعْضًا سُخْرِيًّا ؕ وَ رَحْمَتُ رَبِّكَ خَيْرٌ مِّمَّا يَجْمَعُوْنَ ﴿٣٣﴾

٣٣. ڇا اهي تنهن جي رب جي رحمت کي ورهائين ٿا؟ (اهو ڪيئن ٿي سگهيٿو؟) اسان انهن جي وچ ۾ دنيوي زندگي سان تعلق رکڻ وارا انهن جي معيشت جا سامان ورهايا آهن ۽ انهن مان ڪن کي ڪن تي فوقيت ڏني آهي جنهن جي نتيجي ۾ انهن مان ڪي (وڏا) ڪن (ننڍن) کي ڪم سمجهڻ لڳندا آهن ۽ تنهن جي رب جي رحمت انهيءَ سڀ مال متاع کان جيڪو اهي جمع ڪن ٿا سٺي آهي.

وَ لَوْ لَآ اَنْ يَّكُوْنَ النَّاسُ اُمَّةً وَّاحِدَةً لَّجَعَلْنَا لِمَنْ يَّكْفُرُ بِالرَّحْمٰنِ لِبُيُوْتِهِمْ سُقُفًا مِّنْ فِضَّةٍ وَّ مَعَارِجَ عَلَيْهَا يَظْهَرُوْنَ ﴿٣٤﴾

٣٤. ۽ جيڪڏهين اهو خوف نہ هجي ها تہ سڀيئي هڪ ئي طريقي جا ٿي ويندا تہ اسان رحمان (خدا) جو ڪفر ڪرڻ وارن ماڻهن جي ڇتين ۽ ڏاڪڻين کي جنهن تي هو چڙهندا چانديءَ جو بنائي ڇڏيون ها.

وَ لِبُيُوْتِهِمْ اَبْوَابًا وَّ سُرُرًا عَلَيْهَا يَتَّكِـُٔوْنَ ﴿٣٥﴾

٣٥. ۽ انهن جي گهرن جي دروازن کي بہ (چانديءَ جو بنائي ڇڏيون ها) ۽ (اهڙيءَ طرح) اهي پلنگ جن تي اهي وهاڻان لڳائين

تا (انهن کي ٻـہ چانديءَ جو بنائي ڇڏيون ها)

وَزُخْرُفًا ۚ وَإِن كُلُّ ذَٰلِكَ لَمَّا مَتَاعُ الْحَيَاةِ الدُّنْيَا ۚ
وَالْآخِرَةُ عِندَ رَبِّكَ لِلْمُتَّقِينَ ﴿٣٥﴾ ع

٣٦۔ بلڪ سون جو بنائي ڇڏيون ها، پر اهو سڀ ڪجهہ دنيوي زندگيءَ جو سامان آهي ۽ آخرت (جو آرام) تنهن جي رب جي فيصلي جي مطابق متقين لاءِ مخصوص آهي.

وَمَن يَعْشُ عَن ذِكْرِ الرَّحْمَٰنِ نُقَيِّضْ لَهُ شَيْطَانًا
فَهُوَ لَهُ قَرِينٌ ﴿٣٦﴾

٣٧۔ ۽ جيڪو بہ رحمان (خدا) جي ذڪر کان منهن موڙي ٿو ڇڏي اسان انهيءَ تي هڪ شيطاني طبع وجود کي غالب ڪري ڇڏيون ٿا ۽ اهو انهيءَ جو هر وقت جو ساٿي ٿي وڃيٿو.

وَإِنَّهُمْ لَيَصُدُّونَهُمْ عَنِ السَّبِيلِ وَيَحْسَبُونَ أَنَّهُم
مُّهْتَدُونَ ﴿٣٧﴾

٣٨۔ ۽ اهي (شيطان) انهن کي ڪامل (۽ سچي) رستي کان روڪين ٿا. پر باوجود انهيءَ جي اهي گمان ڪن ٿا تہ اهي سچي رستي تي هلي رهيا آهن.

حَتَّىٰ إِذَا جَاءَنَا قَالَ يَا لَيْتَ بَيْنِي وَبَيْنَكَ بُعْدَ
الْمَشْرِقَيْنِ فَبِئْسَ الْقَرِينُ ﴿٣٨﴾

٣٩۔ پر (اهو انهيءَ وقت تائين ٿئي ٿو جيستائين اهڙو انسان زندهہ رهيٿو) جڏهين اهو اسان وٽ اچي وڃيٿو تہ (سڀ غلط فهميون دور ٿي وڃن ٿيون ۽ اهو) چوڻ لڳي ٿو اي ڪاش! مون ۾ ۽ (اي شيطان) تو ۾ اوڀر ۽ اولهہ جو فرق هجي ها. پوءِ (خود انسان جي شاهديءَ مان ثابت ٿيو تہ) اهو (يعني شيطان) ڏاڍو برو ساٿي آهي.

وَلَن يَنفَعَكُمُ الْيَوْمَ إِذ ظَّلَمْتُمْ أَنَّكُمْ فِي الْعَذَابِ
مُشْتَرِكُونَ ﴿٣٩﴾

٤٠۔ ۽ (اسان انهيءَ ڏينهن انسانن کي چونداسين تہ) جڏهين توهان ظلم ڪري چڪا آهيو تہ هيءَ ڳالهہ تہ توهان ۽ توهانجي برغلائڻ وارا عذاب ۾ شريڪ آهيو توهانکي ڪوبہ نفعو نٿي پهچائي سگهي.

أَفَأَنتَ تُسْمِعُ الصُّمَّ أَوْ تَهْدِي الْعُمْيَ وَمَن كَانَ

٤١۔ ڇا تون ٻوڙي کي ٻڌائي ٿو سگهين ۽ انڌي کي رستو ڏيکاري ٿو سگهين ۽ اهڙيءَ

فِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ ﴿٤١﴾
طرح جيڪو ڪليل گمراهيءَ ۾ مبتلا هجي (انهيءَ کي رستو ڏيکاري سگهين ٿو)

فَاِمَّا نَذْهَبَنَّ بِكَ فَاِنَّا مِنْهُمْ مُّنْتَقِمُوْنَ ﴿٤٢﴾
٤٢. پوءِ جيڪڏهين اسان توکي هن دنيا مان وٺي به وڃون (يعني وفات ڏئي ڇڏيون) تڏهين به اسان انهن کان بدلو ضرور وٺنداسين.

اَوْ نُرِيَنَّكَ الَّذِيْ وَعَدْنٰهُمْ فَاِنَّا عَلَيْهِمْ مُّقْتَدِرُوْنَ ﴿٤٣﴾
٤٣. يا اسان توکي اها شيءِ ڏيکاري ڇڏينداسين جنهن جو اسان انهن سان واعدو ڪيو آهي (ياد رکو) اسان انهن تي پوريءَ طرح اختيار رکون ٿا.

فَاسْتَمْسِكْ بِالَّذِيْٓ اُوْحِيَ اِلَيْكَ ۚ اِنَّكَ عَلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ ﴿٤٤﴾
٤٤. ۽ تون انهيءَ ڪلام کي جيڪو تو ڏانهن وحي ڪيو ويو آهي مضبوطي سان پڪڙي رک ڇو جو تون سڌي رستي تي آهين.

وَاِنَّهٗ لَذِكْرٌ لَّكَ وَلِقَوْمِكَ ۚ وَسَوْفَ تُسْئَلُوْنَ ﴿٤٥﴾
٤٥. ۽ هي (ڪلام) تنهن جي لاءِ به شرف ۽ عزت جو سبب آهي ۽ تنهن جي قوم جي لاءِ به ۽ توکان ضرور تنهن جي عملن جي باري ۾ سوال ڪيو ويندو.

وَسْئَلْ مَنْ اَرْسَلْنَا مِنْ قَبْلِكَ مِنْ رُّسُلِنَآ اَجَعَلْنَا مِنْ دُوْنِ الرَّحْمٰنِ اٰلِهَةً يُّعْبَدُوْنَ ﴿٤٦﴾ ع
٤٦. ۽ جن رسولن کي اسان توکان پهرين موڪليو انهن کان پڇ ڇا اسان رحمان (خدا) کان سواءِ ٻين معبودن جو به (ٻنهن جن ڪتابن ۾) ذڪر ڪيو هو؟ جن جي عبادت ڪئي ويندي هئي.

وَلَقَدْ اَرْسَلْنَا مُوْسٰى بِاٰيٰتِنَآ اِلٰى فِرْعَوْنَ وَمَلَا۟ئِهٖ فَقَالَ اِنِّيْ رَسُوْلُ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٤٧﴾
٤٧. ۽ اسان موسيٰ کي پنهنجا نشان ڏيئي فرعون ۽ انهن جي درٻارين ڏانهن موڪليو هو ۽ انهي (انهن وٽ وڃي) چيو هو ته مان سڀني جهانن جي رب جي طرفان رسول ٿي آيو آهيان.

فَلَمَّا جَآءَهُمْ بِاٰيٰتِنَآ اِذَا هُمْ مِّنْهَا يَضْحَكُوْنَ ﴿٤٨﴾
٤٨. پوءِ جڏهين هو انهن وٽ اسانجا نشان کڻي آيو ته اهي ٻڌندي ئي انهيءَ تي کلون ڪرڻ لڳا.

هئا.

فَلَمَّآ اٰسَفُوْنَا انْتَقَمْنَا مِنْهُمْ فَاَغْرَقْنٰهُمْ اَجْمَعِيْنَ ﴿٥٥﴾

٥٦- پوءِ جڏهين انهن اسانکي غصو ڏياريو تہ اسان انهن کان بدلو ورتو ۽ انهن سڀني کي غرق ڪري ڇڏيو.

فَجَعَلْنٰهُمْ سَلَفًا وَّمَثَلًا لِّلْاٰخِرِيْنَ ﴿٥٦﴾ ع

٥٧- ۽ اسان انهن کي (هڪ گذريل) افسانو بنائي ڇڏيو - پڻ پوءِ اچڻ وارن لاءِ هڪ عبرت جو ذريعو (بہ) بنائي ڇڏيو.

وَلَمَّا ضُرِبَ ابْنُ مَرْيَمَ مَثَلًا اِذَا قَوْمُكَ مِنْهُ يَصِدُّوْنَ ﴿٥٧﴾

٥٨- ۽ جڏهين بہ ابن مريم جو واقعو (قرآن ۾) بيان ڪيو ويندو, تہ تنهن جي قوم انهيءَ (ڳالهہ) تي گوڙ ڪرڻ شروع ڪري ٿي ڏيئي.

وَقَالُوْٓا ءَاٰلِهَتُنَا خَيْرٌ اَمْ هُوَ ۭ مَا ضَرَبُوْهُ لَكَ اِلَّا جَدَلًا ۭ بَلْ هُمْ قَوْمٌ خَصِمُوْنَ ﴿٥٨﴾

٥٩- ۽ هيءَ بہ چوڻ لڳي ٿي تہ ڇا اسانجا معبود سٺا آهن يا اهو (يعني عيسيٰ) سٺو آهي. اهي اها ڳالهہ تنهن جي سامهون صرف جهڳڙي جي مقصد سان ڪن ٿا حقيقت هيءَ آهي تہ انهيءَ قوم ۾ حق جي خلاف بحث ڪرڻ جي عادت آهي.

اِنْ هُوَ اِلَّا عَبْدٌ اَنْعَمْنَا عَلَيْهِ وَجَعَلْنٰهُ مَثَلًا لِّبَنِيْٓ اِسْرَاۗءِيْلَ ﴿٥٩﴾

٦٠- ۽ هو (يعني عيسيٰ) تہ صرف هڪ ٻانهو هو جنهن تي اسان انعام ڪيو هو ۽ انهيءَ کي بني اسرائيل جي لاءِ عبرت طور بنايو هو.

وَلَوْ نَشَاۗءُ لَجَعَلْنَا مِنْكُمْ مَّلٰۗىِٕكَةً فِي الْاَرْضِ يَخْلُفُوْنَ ﴿٦٠﴾

٦١- ۽ جيڪڏهين اسان چاهيون ها تہ توهان مان بہ ڪن کي ملائڪ بنائي ڇڏيون ها جيڪي زمين ۾ توهانجي جڳهہ تي آباد هجن ها.

وَاِنَّهٗ لَعِلْمٌ لِّلسَّاعَةِ فَلَا تَمْتَرُنَّ بِهَا وَاتَّبِعُوْنِ ۭ هٰذَا صِرَاطٌ مُّسْتَقِيْمٌ ﴿٦١﴾

٦٢- ۽ اهو (يعني قرآن) آخري گهڙيءَ جو علم بخشي ٿو پوءِ توهان گهڙيءَ جي باري ۾ شڪ نہ ڪيو ۽ (اي انسانو) توهان منهن جي تابعداري ڪيو اهوئي سڌو رستو آهي.

وَلَا يَصُدَّنَّكُمُ الشَّيْطٰنُ ۚ اِنَّهٗ لَكُمْ عَدُوٌّ مُّبِيْنٌ ﴿٦٢﴾

٦٣- حق کان پري ٿي وڃڻ وارو شخص

توهانکي سڌي رستي کان روڪي نہ. هو توهان جو ظاهر ظهور دشمن آهي.

وَلَمَّا جَآءَ عِيْسٰى بِالْبَيِّنٰتِ قَالَ قَدْ جِئْتُكُمْ بِالْحِكْمَةِ وَلِاُبَيِّنَ لَكُمْ بَعْضَ الَّذِىْ تَخْتَلِفُوْنَ فِيْهِ ۚ فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَاَطِيْعُوْنِ ﴿٦٤﴾

٦٤. ۽ جڏهن عيسيٰ (ٻيهر ظاهر ٿيڻ ۾) نشانن سان ايندو، تہ هو چوندو تہ مان توهان وٽ حڪمت جي ڳالهين سان آيو آهيان ۽ انهيءَ لاءِ آيو آهيان تہ توهانکي ڪي اهي ڳالهيون سمجهايان جن ۾ توهان اختلاف ڪيو ٿا. پوءِ الله جي تقويٰ اختيار ڪيو ۽ منهن جي اطاعت ڪيو.

اِنَّ اللّٰهَ هُوَ رَبِّىْ وَرَبُّكُمْ فَاعْبُدُوْهُ ۚ هٰذَا صِرَاطٌ مُّسْتَقِيْمٌ ﴿٦٥﴾

٦٥. الله ئي منهن جو بہ ۽ توهانجو بہ رب آهي. پوءِ انهيءَ جي عبادت ڪيو. اهوئي سڌو رستو آهي.

فَاخْتَلَفَ الْاَحْزَابُ مِنْۢ بَيْنِهِمْ ۚ فَوَيْلٌ لِّلَّذِيْنَ ظَلَمُوْا مِنْ عَذَابِ يَوْمٍ اَلِيْمٍ ﴿٦٦﴾

٦٦. سو اهو ٻڌي انهيءَ جا مخالف گروهہ پاڻ ۾ مختلف ڳالهين ڪرڻ لڳي ويا؟ پوءِ جن ماڻهن ظلم ڪيو هڪ تڪليف ڏيندڙ وقت جي عذاب جي ذريعي سان انهن جي لاءِ تباهي مقرر آهي.

هَلْ يَنْظُرُوْنَ اِلَّا السَّاعَةَ اَنْ تَاْتِيَهُمْ بَغْتَةً وَّهُمْ لَا يَشْعُرُوْنَ ﴿٦٧﴾

٦٧. اهي فقط قيامت جو انتظار ڪري رهيا آهن جن جي لاءِ اوچتو اچڻ مقدر آهي پر اُهي انهيءَ کي سمجهن نٿا.

اَلْاَخِلَّآءُ يَوْمَئِذٍ ۢ بَعْضُهُمْ لِبَعْضٍ عَدُوٌّ اِلَّا الْمُتَّقِيْنَ ﴿٦٨﴾ ع ٦ ١٣

٦٨. ڪيترا دوست انهيءَ ڏينهن پاڻ ۾ هڪ ٻئي جا دشمن هوندا سواءِ متقين جي

يٰعِبَادِ لَا خَوْفٌ عَلَيْكُمُ الْيَوْمَ وَلَآ اَنْتُمْ تَحْزَنُوْنَ ﴿٦٩﴾

٦٩. (جو انهن کي خدا چوندو) اي منهنجا ٻانهو! اڄ توهانکي ڪنهن بہ خوف جو ڊپ ڪونهي ۽ نہ ڪنهن گذريل غلطيءَ جي غم ۾ توهان مبتلا ٿي سگهو ٿا.

اَلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا بِاٰيٰتِنَا وَكَانُوْا مُسْلِمِيْنَ ﴿٧٠﴾

٧٠. (هيءَ انعام حاصل ڪرڻ وارا اهي ماڻهو هوندا) جن اسانجي آيتن تي ايمان آندو هو ۽ جن فرمان بردارن جهڙي زندگي بسر ڪئي

هئي.

اُدْخُلُوا الْجَنَّةَ اَنْتُمْ وَاَزْوَاجُكُمْ تُحْبَرُوْنَ ﴿٧١﴾

٧١ (الله انهن کي چوندو) توهان ۽ توهانجا ساٿي ۽ خوشي ملهائيندي جنت ۾ داخل ٿي وڃو.

يُطَافُ عَلَيْهِمْ بِصِحَافٍ مِّنْ ذَهَبٍ وَّ اَكْوَابٍ ۚ
وَفِيْهَا مَا تَشْتَهِيْهِ الْاَنْفُسُ وَتَلَذُّ الْاَعْيُنُ ۚ وَاَنْتُمْ
فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ۚ ﴿٧٢﴾

٧٢ انهن وٽ سون جون رڪابيون ۽ آبخورا هر هر آندا ويندا ۽ انهيءَ (جنت) ۾ جيڪي ڪجهه دل چاهيندي ۽ اکيون پسند ڪنديون موجود هوندو ۽ (چيو ويندو ته) توهان انهيءَ ۾ هميشه رهندؤ.

وَتِلْكَ الْجَنَّةُ الَّتِيْٓ اُوْرِثْتُمُوْهَا بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿٧٣﴾

٧٣ ۽ اها اها جنت هوندي جنهن جو توهانکي توهانجي عملن جي سبب وارث بنايو ويندو.

لَكُمْ فِيْهَا فَاكِهَةٌ كَثِيْرَةٌ مِّنْهَا تَاْكُلُوْنَ ﴿٧٤﴾

٧٤ توهانجي لاءِ انهيءَ ۾ ڪثرت سان ميوا موجود هوندا جن مان توهان ضرورت آهر کائيندؤ.

اِنَّ الْمُجْرِمِيْنَ فِيْ عَذَابِ جَهَنَّمَ خٰلِدُوْنَ ۖ ﴿٧٥﴾

٧٥ مجرم يقيناً جهنم جي عذاب ۾ مدتن تائين مبتلا رهندا.

لَا يُفَتَّرُ عَنْهُمْ وَهُمْ فِيْهِ مُبْلِسُوْنَ ۚ ﴿٧٦﴾

٧٦ انهن جي عذاب ۾ ورساهين نه ڏني ويندي ۽ اهي انهيءَ ۾ مايوس ٿي ويندا.

وَمَا ظَلَمْنٰهُمْ وَلٰكِنْ كَانُوْا هُمُ الظّٰلِمِيْنَ ﴿٧٧﴾

٧٧ ۽ اسان انهن تي ظلم نه ڪيو آهي پر اهي خود پنهن جي جان تي ظلم ڪري رهيا هئا.

وَنَادَوْا يٰمٰلِكُ لِيَقْضِ عَلَيْنَا رَبُّكَ ۚ
قَالَ اِنَّكُمْ مّٰكِثُوْنَ ﴿٧٨﴾

٧٨ ۽ اهي پڪاريندا ته اي مالڪ (يعني دوزخ جي آفيسر کي چوندا) تنهن جي رب کي گهرجي ته اسانکي موت ڏيئي ڇڏي. اهو چوندو توهان دير تائين انهيءَ ۾ رهندؤ.

لَقَدْ جِئْنٰكُمْ بِالْحَقِّ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَكُمْ لِلْحَقِّ
كٰرِهُوْنَ ﴿٧٩﴾

٧٩ (خدا تعاليٰ چويٿو) اسان توهان وٽ حق کڻي آيا هئاسون پر توهان مان اڪثر حق کان نفرت ڪندا هئا.

اَمْ اَبْرَمُوْٓا اَمْرًا فَاِنَّا مُبْرِمُوْنَ ۚ ﴿٨٠﴾

٨٠ ڇا انهن ماڻهن (رسول الله صلي الله

عليه وسلم تي) حملي ڪرڻ جو ڪو فيصلو ڪري ڇڏيو آهي (جيڪڏهين ائين آهي) تہ اسان بہ انهن جي تباهيءَ جو فيصلو ڪري ڇڏيو آهي.

أَمْ يَحْسَبُونَ أَنَّا لَا نَسْمَعُ سِرَّهُمْ وَنَجْوَاهُم ۚ بَلَىٰ وَرُسُلُنَا لَدَيْهِمْ يَكْتُبُونَ ﴿٨١﴾

٨١. ڇا انهن کي اهو گمان آهي تہ اسان انهن جي ڳجهين ڳالهين ۽ ڳجهن مشورن کي ڪونہ ٿا ٻڌون اها ڳالهہ نہ آهي پر اسانجا رسول انهن جي پاسي ۾ ويهي لکي رهيا آهن.

قُلْ إِن كَانَ لِلرَّحْمَٰنِ وَلَدٌ فَأَنَا أَوَّلُ الْعَابِدِينَ ﴿٨٢﴾

٨٢. تون چئو تہ جيڪڏهين رحمان (خدا) جو ڪو پٽ هجي ها تہ مان انهيءَ جي سڀني کان پهرينءَ عبادت ڪريان ها.

سُبْحَانَ رَبِّ السَّمَاوَاتِ وَالْأَرْضِ رَبِّ الْعَرْشِ عَمَّا يَصِفُونَ ﴿٨٣﴾

٨٣. آسمانن ۽ زمين جو رب ۽ عرش جو رب انهن سڀني (شرڪ وارين صفتن) کان پاڪ آهي جيڪي مشرڪ بيان ڪن ٿا.

فَذَرْهُمْ يَخُوضُوا وَيَلْعَبُوا حَتَّىٰ يُلَاقُوا يَوْمَهُمُ الَّذِي يُوعَدُونَ ﴿٨٤﴾

٨٤. پوءِ (اي پيغمبر!) تون انهن کي ڇڏي ڏي تہ گند اڇلائيندا رهن ۽ انهيءَ وقت تائين کيڏندا رهن جو اهي پنهن جي انهيءَ عذاب کي پهچي وڃن جنهن جو انهن سان وعدو ڪيو ويو هو.

وَهُوَ الَّذِي فِي السَّمَاءِ إِلَٰهٌ وَفِي الْأَرْضِ إِلَٰهٌ ۚ وَهُوَ الْحَكِيمُ الْعَلِيمُ ﴿٨٥﴾

٨٥. ۽ اهو (خدا) ئي آسمانن ۽ زمين ۾ اڪيلو معبود آهي ۽ اهو وڏين حڪمت وارو ۽ ڏاڍو ڄاڻڻ وارو آهي.

وَتَبَارَكَ الَّذِي لَهُ مُلْكُ السَّمَاوَاتِ وَالْأَرْضِ وَمَا بَيْنَهُمَا وَعِندَهُ عِلْمُ السَّاعَةِ وَإِلَيْهِ تُرْجَعُونَ ﴿٨٦﴾

٨٦. ۽ وڏيون برڪتون بخشڻ واري اها هستي آهي جيڪا آسمانن ۽ زمين ۽ جيڪي ڪي انهيءَ جي وچ ۾ آهي، انهن سڀني جي بادشاهت جو مالڪ آهي ۽ قيامت جو علم صرف انهيءَ کي حاصل آهي ۽ انهيءَ ڏانهن توهانکي موٽايو ويندو.

وَلَا يَمْلِكُ الَّذِينَ يَدْعُونَ مِن دُونِهِ الشَّفَاعَةَ

٨٧. ۽ جن کي اهي ماڻهو خدا کانسواءِ پڪارين ٿا اهي شفاعت جا مالڪ نہ آهن پر

إِلَّا مَنْ شَهِدَ بِالْحَقِّ وَهُمْ يَعْلَمُونَ ﴿٨٦﴾

اهوئي شفاعت جو حق رکيٿو جيکو حق جي شاهدي ڏني ۽ اهي (ڪافر انهيءَ حقيقت کي) چڱيءَ طرح سمجهي سگهن ٿا.

وَلَئِن سَأَلْتَهُم مَّنْ خَلَقَهُمْ لَيَقُولُنَّ اللَّهُ فَأَنَّىٰ يُؤْفَكُونَ ﴿٨٧﴾

٨٨- ۽ جيڪڏهين تون انهن کان پڇين تہ انهن کي ڪنهن پيدا ڪيو آهي؟ تہ اهي ضرور چوندا الله، پوءِ اهي ڪهڙي طرف بِرغلائجي ويندا آهن.

وَقِيلِهِ يَا رَبِّ إِنَّ هَٰؤُلَاءِ قَوْمٌ لَّا يُؤْمِنُونَ ﴿٨٨﴾

٨٩- ۽ اسانکي انهيءَ (رسول) جي انهيءَ قول جو قسم! جڏهين انهيءَ چيو هو اي منهنجا رب! هيءَ قوم تہ اهڙي آهي جو ڪنهن بہ سچائيءَ تي ايمان نٿي آڻي.

فَاصْفَحْ عَنْهُمْ وَقُلْ سَلَامٌ فَسَوْفَ يَعْلَمُونَ ﴿٨٩﴾

٩٠- سو (اسان انهيءَ کي جواب ڏنو هو تہ) انهن سان درگذر ڪر ۽ صرف ايتري دعا ڪندو ڪر تہ توتي خدا جي سلامتي نازل ٿئي، تہ انهيءَ جو اهو نتيجو نڪرندو جو اهي (توکي) جاڻڻ لڳندا.

## سُورَةُ الدُّخَانِ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ مَعَ الْبَسْمَلَةِ سِتُّوْنَ اٰيَةً وَّثَلٰثَةُ رُكُوْعَاتٍ

سورت دخان ـ هي سورت مڪي آهي ۽ بسم الله سميت انهيءَ جون سٺ آيتون ۽ ٽي رڪوع آهن.

---

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ①

١ـ (مان) الله جو نالو وٺي جيڪو بيحد ڪرم ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي (پڙهانئو)

حٰمٓ ②

٢ـ (هيءَ) حميد ۽ مجيد (خدا جي طرفان نازل ڪيل سورت آهي)

معانقة ١٢ عند المتقدمين

وَالْكِتٰبِ الْمُبِيْنِ ③

٣ـ اسان (انهيءَ سچائيءَ جي ثبوت جي لاءِ انهيءَ کولي) بيان ڪرڻ واري ڪتاب جو قسم کائونٿا (يعني انهيءَ کي شاهديءَ طور پيش ڪيون ٿا)

اِنَّآ اَنْزَلْنٰهُ فِيْ لَيْلَةٍ مُّبٰرَكَةٍ اِنَّا كُنَّا مُنْذِرِيْنَ ④

٤ـ اسان انهيءَ (ڪتاب) کي هڪ برڪت واري رات ۾ نازل ڪيو آهي ڇو جو اسان گمراهن کي هميشه کان هوشيار ڪندا آيا آهيون.

فِيْهَا يُفْرَقُ كُلُّ اَمْرٍ حَكِيْمٍ ⑤

٥ـ انهيءَ رات ۾ هر حڪمت وارو ڪم بيان ڪيو ويندو.

اَمْرًا مِّنْ عِنْدِنَا ؕ اِنَّا كُنَّا مُرْسِلِيْنَ ⑥

٦ـ هرڪو اهو ڪم جنهن جو اسان پنهن جي حضور مان حڪم ڏنو آهي اسان اهڙي موقعي تي هميشه ئي رسول موڪليندا آهيون.

رَحْمَةً مِّنْ رَّبِّكَ ؕ اِنَّهٗ هُوَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ ⑦

٧ـ اهو تنهن جي رب جي طرفان رحمت جي طور تي ٿيندو آهي اهو ڏاڍو دعائون ٻڌڻ وارو (۽) دلين جي حال ڄاڻڻ وارو آهي.

رَبِّ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَمَا بَيْنَهُمَا ۘ اِنْ كُنْتُمْ مُّوْقِنِيْنَ ⑧

٨ـ (يعني) انهيءَ رب جي طرفان جيڪو آسمانن ۽ زمين ۽ جيڪي ڪجهه انهن جي وچ ۾ آهي انهيءَ جو رب آهي بشرطيڪ

توهانجي نيت يقين ڪرڻ واري هجي.

لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ يُحْيٖ وَ يُمِيْتُ ؕ رَبُّكُمْ وَ رَبُّ اٰبَآئِكُمُ الْاَوَّلِيْنَ ﴿٩﴾

٩. انهي ڪانسواءِ ڪوبہ معبود ڪونهي، اهو زندهہ بہ ڪري ٿو ۽ ماري بہ ٿو اهو توهانجو بہ رب آهي ۽ توهانجن پهرين ابن ڏاڏن جوبہ رب هو.

بَلْ هُمْ فِيْ شَكٍّ يَّلْعَبُوْنَ ﴿١٠﴾

١٠. پر اهي شڪ ۾ مبتلا آهن (۽) کيڏي رهيا آهن.

فَارْتَقِبْ يَوْمَ تَاْتِي السَّمَآءُ بِدُخَانٍ مُّبِيْنٍ ﴿١١﴾

١١. پوءِ تون انهيءَ ڏينهن جو انتظار ڪر جنهن ڏينهن آسمان تي هڪ ظاهر ظهور دونهون ظاهر ٿيندو.

يَّغْشَى النَّاسَ ؕ هٰذَا عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿١٢﴾

١٢. جيڪو سڀني ماڻهن تي ڇانئجي ويندو. اهو دردناڪ عذاب هوندو.

رَبَّنَا اكْشِفْ عَنَّا الْعَذَابَ اِنَّا مُؤْمِنُوْنَ ﴿١٣﴾

١٣. (ماڻهو انهيءَ کي ڏسي چوڻ لڳندا) اي اسانجا رب! اسان کان اهو عذاب ٽاري ڇڏ اسان ايمان آڻيون ٿا.

اَنّٰى لَهُمُ الذِّكْرٰى وَ قَدْ جَآءَهُمْ رَسُوْلٌ مُّبِيْنٌ ﴿١٤﴾

١٤. انهيءَ ڏينهن ايمان آڻڻ جي توفيق انهن کي ڪٿان ملندي حالانڪ انهن وٽ هڪ حقيقت کي کولي بيان ڪرڻ وارو رسول اچي چڪو آهي (جنهن کي انهن نہ مڃيو)

ثُمَّ تَوَلَّوْا عَنْهُ وَ قَالُوْا مُعَلَّمٌ مَّجْنُوْنٌ ﴿١٥﴾

١٥. ۽ انهيءَ کان پٺي ڦيرائي هليا ويا ۽ چوڻ لڳا هيءَ ڪنهن جو سيکاريل چريو آهي.

اِنَّا كَاشِفُوا الْعَذَابِ قَلِيْلًا اِنَّكُمْ عَآئِدُوْنَ ﴿١٦﴾

١٦. اسان عذاب کي ٿوري دير تائين هٽائي ڇڏينداسين پر توهان وري اهي ئي (ڪرتوت) ڪرڻ لڳي ويندؤ.

يَوْمَ نَبْطِشُ الْبَطْشَةَ الْكُبْرٰى ۚ اِنَّا مُنْتَقِمُوْنَ ﴿١٧﴾

١٧. جنهن ڏينهن اسان وڏي پڪڙ ۾ توهانکي آڻينداسين (توهانتي ظاهر ٿي ويندو تہ) اسان انتقام وٺڻ تي قادر آهيون.

وَ لَقَدْ فَتَنَّا قَبْلَهُمْ قَوْمَ فِرْعَوْنَ وَ جَآءَهُمْ رَسُوْلٌ

١٨. ۽ اسان انهن کان پهرينءَ فرعون جي قوم جي بہ آزمائش ڪئي هئي ۽ انهن وٽ هڪ

كَرِيْمٌ ﴿١٨﴾

معزز رسول آيو هو.

اَنْ اَدُّوْٓا اِلَيَّ عِبَادَ اللّٰهِ ؕ اِنِّيْ لَكُمْ رَسُوْلٌ اَمِيْنٌ ﴿١٩﴾

١٩. (۽ انهيءَ رسول انهن کي چيو هو تہ) خدا جا ٻانها منهن جي حوالي ڪري ڇڏيو مان توهان ڏانهن هڪ امانتدار رسول بنائي موڪليو ويو آهيان.

وَّ اَنْ لَّا تَعْلُوْا عَلَى اللّٰهِ ۚ اِنِّيْٓ اٰتِيْكُمْ بِسُلْطٰنٍ مُّبِيْنٍ ﴿٢٠﴾

٢٠. ۽ انهيءَ حڪم سان موڪليو ويو آهيان تہ خدا جي معاملي ۾ زيادتيءَ کان ڪم نہ وٺو (۽ منهن جي آنڌل دليلن تي غور ڪيو) مان توهان ڏانهن يقينن هڪ ظاهر ظهور دليل آڻڻ وارو آهيان.

وَ اِنِّيْ عُذْتُ بِرَبِّيْ وَ رَبِّكُمْ اَنْ تَرْجُمُوْنِ ﴿٢١﴾

٢١. ۽ مان پنهن جي رب ۽ توهانجي رب کان پناهہ گهرانٿو جو توهان ڪٿي جلد بازيءَ ۾ مونکي سنگسار نہ ڪري ڇڏيو.

وَاِنْ لَّمْ تُؤْمِنُوْا لِيْ فَاعْتَزِلُوْنِ ﴿٢٢﴾

٢٢. ۽ جيڪڏهين توهان مونتي ايمان نٿا آڻيو تہ (گهٽ ۾ گهٽ اهو تہ ڪيو جو) مونکي بلڪل اڪيلو ڇڏي ڏيو.

فَدَعَا رَبَّهٗٓ اَنَّ هٰٓؤُلَآءِ قَوْمٌ مُّجْرِمُوْنَ ﴿٢٣﴾

٢٣. انهيءَ تي موسيٰ پنهن جي رب کي پڪاريو ۽ چيو تہ هيءَ قوم تہ ڏوهاري آهي (مونتي ايمان آڻيندي نظر نٿي اچي)

فَاَسْرِ بِعِبَادِيْ لَيْلًا اِنَّكُمْ مُّتَّبَعُوْنَ ﴿٢٤﴾

٢٤. تڏهين (خدا) چيو تون منهن جن ٻانهن کي راتو رات (هن ملڪ مان) ڪڍي وٺي وڃ ۽ اهو خيال رک تہ فرعون جي قوم تنهن جو پيڇو ڪندي.

وَاتْرُكِ الْبَحْرَ رَهْوًا ؕ اِنَّهُمْ جُنْدٌ مُّغْرَقُوْنَ ﴿٢٥﴾

٢٥. ۽ سمنڊ کي دڙن تان لنگهندي پوئتي ڇڏي وڃ (يعني دڙن تي هلندي هلندي سمنڊ مان لنگهي وڃ) اهو (يعني فرعون جو) لشڪر تہ غرق ٿي ويندو.

كَمْ تَرَكُوْا مِنْ جَنّٰتٍ وَّ عُيُوْنٍ ﴿٢٦﴾

٢٦. انهن (يعني فرعون جي قوم) پنهن جي پويان ڪيترا باغ ۽ چشمان

سُوۡرَةُ الۡجَاثِيَةِ مَكِّيَّةٌ وَّهِیَ مَعَ الۡبَسۡمَلَةِ ثَمَانٍ وَّثَلٰثُوۡنَ اٰيَةً وَّاَرۡبَعَةُ رُكُوۡعَاتٍ

سورت جاثيہ - هيءَ سورت مڪي آهي ۽ بسم الله سميت هن جون ا ٺٽيهہ آيتون ۽ چار رڪوع آهن.

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ①

١- (مان) الله جو نالو وٺي جيڪو بيحد ڪرم ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي (پڙهانٿو)

حٰمٓ ②

٢- حميد (۽) مجيد (خدا هن سورت کي نازل ڪرڻ وارو آهي)

تَنۡزِيۡلُ الۡكِتٰبِ مِنَ اللّٰهِ الۡعَزِيۡزِ الۡحَكِيۡمِ ③

٣- غالب ۽ حڪمت واري الله جي طرفان هن ڪتاب کي نازل ڪيو ويو آهي.

اِنَّ فِی السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضِ لَاٰيٰتٍ لِّلۡمُؤۡمِنِيۡنَ ④

۴- آسمانن ۽ زمين ۾ مومنن لاءِ وڏيون نشانيون آهن.

وَفِیۡ خَلۡقِكُمۡ وَمَا يَبُثُّ مِنۡ دَآبَّةٍ اٰيٰتٌ لِّقَوۡمٍ يُّوۡقِنُوۡنَ ⑤

٥- ۽ اهڙيءَ طرح توهانجي پيدائش ۾ ۽ انهيءَ ۾ جيڪي اهو (الله) ساهوارن مان (زمين ۾) پکيڙي ٿو يقين ڪرڻ واريءَ قوم جيلاءِ نشانيون آهن.

وَاخۡتِلَافِ الَّيۡلِ وَالنَّهَارِ وَمَاۤ اَنۡزَلَ اللّٰهُ مِنَ السَّمَآءِ مِنۡ رِّزۡقٍ فَاَحۡيَا بِهِ الۡاَرۡضَ بَعۡدَ مَوۡتِهَا وَتَصۡرِيۡفِ الرِّيٰحِ اٰيٰتٌ لِّقَوۡمٍ يَّعۡقِلُوۡنَ ⑥

٦- ۽ رات ۽ ڏينهن جي اڳيان پٺيان اچڻ وڃڻ ۾ به ۽ جيڪي الله رزق جو سبب (يعني پاڻي) ڪڪر مان لاٿو آهي پوءِ انهيءَ مان زمين کي انهيءَ جي مرڻ کانپوءِ جيئرو ڪيو آهي (انهيءَ ۾ به) ۽ هوائن جي هيڏانهن هوڏانهن هلائڻ ۾ به عقل واري قوم جيلاءِ ڪيترين ئي نشانيون آهن.

تِلۡكَ اٰيٰتُ اللّٰهِ نَتۡلُوۡهَا عَلَيۡكَ بِالۡحَقِّ‌ۚ فَبِاَىِّ حَدِيۡثٍۭ بَعۡدَ اللّٰهِ وَاٰيٰتِهٖ يُؤۡمِنُوۡنَ ⑦

٧- اهي سڀ الله جا نشان آهن جن کي اسان تنهن جي سامهون پوري سچائيءَ سان بيان ڪيون ٿا پوءِ (ٻڌايو تہ) الله ۽ انهيءَ جي نشانن کانپوءِ توهان ڪهڙي شيءِ تي ايمان

آئيندا.

وَيْلٌ لِّكُلِّ اَفَّاكٍ اَثِيْمٍۙ﴿۸﴾

٨- هر ڪوڙي ۽ گنهگار جيلاءِ عذاب مقدر آهي.

يَّسْمَعُ اٰيٰتِ اللّٰهِ تُتْلٰى عَلَيْهِ ثُمَّ يُصِرُّ مُسْتَكْبِرًا كَاَنْ لَّمْ يَسْمَعْهَا ۚ فَبَشِّرْهُ بِعَذَابٍ اَلِيْمٍ ﴿۹﴾

٩- جيڪو انهن آيتن کي جيڪي انهيءَ جي اڳيان بيان ڪيون وڃن ٿيون ٻڌي ٿو. پوءِ تڪبر سان پنهن جي هر ڳالهه تي ضد ڪندو رهي ٿو ڄڻ ته انهيءَ خدا جا نشان ٻڌائي ڪونهن - پوءِ اهڙي شخص کي دردناڪ عذاب جي خبر ڏي.

وَاِذَا عَلِمَ مِنْ اٰيٰتِنَا شَيْئًا ٱتَّخَذَهَا هُزُوًا ۗ اُولٰٓئِكَ لَهُمْ عَذَابٌ مُّهِيْنٌ ﴿۱۰﴾

١٠- ۽ جڏهين اهو شخص اسانجن آيتن مان ڪنهن جي خبر ٻڌي ٿو ته انهيءَ جي چٽر ڪرڻ لڳي ٿو - اهڙن ماڻهن کي خوار ڪرڻ وارو عذاب ملندو.

مِنْ وَّرَآئِهِمْ جَهَنَّمُ ۚ وَلَا يُغْنِيْ عَنْهُمْ مَّا كَسَبُوْا شَيْئًا وَّلَا مَا اتَّخَذُوْا مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ اَوْلِيَآءَ ۚ وَلَهُمْ عَذَابٌ عَظِيْمٌ ﴿۱۱﴾

١١- انهن جي اڳيان جهنم آهي ۽ انهن جا عمل انهن کي ڪجهه به نفعو نه ڏيندا ۽ نه اهي معبود (نفعو ڏيندا) جن کي انهن الله کانسواءِ اختيار ڪري رکيو آهي ۽ انهن کي ڏاڍو وڏو عذاب ملندو.

هٰذَا هُدًى ۚ وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِاٰيٰتِ رَبِّهِمْ لَهُمْ عَذَابٌ مِّنْ رِّجْزٍ اَلِيْمٌ ﴿۱۲﴾

١٢- هيءَ (سچي) هدايت آهي ۽ جن پنهن جي رب جي آيتن جو ڪفر ڪيو آهي - انهن کي ٻتن جي پوڄا جي سببان دردناڪ عذاب ملندو.

اَللّٰهُ الَّذِيْ سَخَّرَ لَكُمُ الْبَحْرَ لِتَجْرِيَ الْفُلْكُ فِيْهِ بِاَمْرِهٖ وَلِتَبْتَغُوْا مِنْ فَضْلِهٖ وَلَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ ﴿۱۳﴾

١٣- الله اهو ئي آهي جنهن سمنڊ کي توهانجي خدمت تي لڳائي ڇڏيو آهي انهيءَ لاءِ ته انهيءَ جي حڪم سان انهيءَ ۾ ٻيڙيون هلن ۽ انهيءَ لاءِ ته توهان (انهن جي ذريعي) انهيءَ جي فضل کي تلاش ڪيو ۽ انهيءَ لاءِ ته توهان شڪر ڪيو

وَسَخَّرَ لَكُمْ مَّا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ جَمِيْعًا

١٤- ۽ جيڪي ڪي آسمانن ۾ آهي ۽ زمين ۾ آهي سمورو انهيءَ توهانجي خدمت تي لڳائي

بَعْضُهُمْ اَوْلِيَآءُ بَعْضٍ ۚ وَاللّٰهُ وَلِيُّ الْمُتَّقِيْنَ ﴿١٩﴾

فائدو نٿا پهچائي سگهن ـ ۽ ظالم پاڻ ۾ هڪ ٻئي کي پناهہ ڏيڻ وارا آهن ۽ الله متقين کي پناهہ ڏيڻ وارو آهي.

هٰذَا بَصَآئِرُ لِلنَّاسِ وَهُدًى وَّرَحْمَةٌ لِّقَوْمٍ يُّوْقِنُوْنَ ﴿٢٠﴾

٢١ـ هي (تعليمون) ماڻهن جي لاءِ عقلي دليل آهن ۽ يقين رکڻ واري قوم جي لاءِ هدايت ۽ رحمت جو سبب آهن.

اَمْ حَسِبَ الَّذِيْنَ اجْتَرَحُوا السَّيِّاٰتِ اَنْ نَّجْعَلَهُمْ كَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ ۙ سَوَآءً مَّحْيَاهُمْ وَمَمَاتُهُمْ ۭ سَآءَ مَا يَحْكُمُوْنَ ﴿٢١﴾ ع ٢ ‏ ١٨

٢٢ـ ڇا جن ماڻهن بديون ڪيون آهن اهي خيال ڪن ٿا تہ اسان انهن کي مومنن ۽ ايمان جي مطابق عمل ڪرڻ وارن جهڙو درجو ڏينداسين ايستائين جو انهن ٻنهي جي زندگي ۽ موت برابر ٿي ويندا ـ اهي ڏاڍو برو فيصلو ڪن ٿا.

وَخَلَقَ اللّٰهُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ بِالْحَقِّ وَلِتُجْزٰى كُلُّ نَفْسٍ بِمَا كَسَبَتْ وَهُمْ لَا يُظْلَمُوْنَ ﴿٢٢﴾

٢٣ـ ۽ الله آسمانن ۽ زمين کي هڪ ابدي قانون جي مطابق پيدا ڪيو آهي ۽ انهيءَ جو نتيجو اهو نڪرندو جو هر شخص کي انهيءَ جي عمل جي مطابق جزا ملندي ۽ انهن مان ڪنهن تي بہ ظلم نہ ڪيو ويندو.

اَفَرَءَيْتَ مَنِ اتَّخَذَ اِلٰهَهٗ هَوٰىهُ وَاَضَلَّهُ اللّٰهُ عَلٰى عِلْمٍ وَّخَتَمَ عَلٰى سَمْعِهٖ وَقَلْبِهٖ وَجَعَلَ عَلٰى بَصَرِهٖ غِشٰوَةً ۭ فَمَنْ يَّهْدِيْهِ مِنْۢ بَعْدِ اللّٰهِ ۭ اَفَلَا تَذَكَّرُوْنَ ﴿٢٣﴾

٢٤ـ ڇا تو انهيءَ شخص جي حالت تي بہ غور ڪيو آهي جنهن پنهن جي نفساني خواهش کي پنهن جو معبود بنائي ڇڏيو آهي ۽ الله انهي کي (پنهن جي) ڪامل علم سبب گمراهہ قرار ڏنو آهي ۽ انهيءَ جي ڪنن ۽ انهيءَ جي دل تي مهر لڳائي ڇڏي آهي ۽ انهيءَ جي اکين تي پردو وجهي ڇڏيو آهي سو هاڻي الله جي (انهيءَ فعل کان) پوءِ انهيءَ کي ڪير هدايت ڏيئي سگهندو؟ ڇا توهان نصيحت نٿا حاصل ڪيو؟

وَقَالُوْا مَا هِيَ اِلَّا حَيَاتُنَا الدُّنْيَا نَمُوْتُ وَنَحْيَا وَمَا يُهْلِكُنَآ اِلَّا الدَّهْرُ ۚ وَمَا لَهُمْ بِذٰلِكَ مِنْ

٢٥ـ ۽ اهي چون ٿا تہ اهائي دنيوي زندگي اسان جي لاءِ مقدر آهي انهيءَ زندگيءَ کي گذاريندي اسان مرنداسين ۽ انهيءَ جو لطف

عِلْمٍ اِنْ هُمْ اِلَّا يَظُنُّوْنَ ﴿٢٤﴾

وٺندي اسان زندهہ رهنداسين ۽ زمانوئي اسانکي (پنهن جي اثر سان) ماري ٿو پر انهن کي انهيءَ ڳالهہ جو ڪوبہ حقيقي علم ڪونهي اهي صرف دوڪا ڪري رهيا آهن.

وَ اِذَا تُتْلٰى عَلَيْهِمْ اٰيٰتُنَا بَيِّنٰتٍ مَّا كَانَ حُجَّتَهُمْ اِلَّآ اَنْ قَالُوا ائْتُوْا بِاٰبَآئِنَآ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿٢٥﴾

٢٦. ۽ جڏهن انهن کي اسانجون ظاهر ظهور آيتون پڙهايون وڃن ٿيون تہ انهن جو انهيءَ کانسواءِ ڪوبہ جواب نہ هوندو آهي جو اهي چوندا آهن تہ جيڪڏهين توهان سچا آهيو تہ اسانجن ابن ڏاڏن کي بہ (زندهہ ڪري) وٺي اچو.

قُلِ اللّٰهُ يُحْيِيْكُمْ ثُمَّ يُمِيْتُكُمْ ثُمَّ يَجْمَعُكُمْ اِلٰى يَوْمِ الْقِيٰمَةِ لَا رَيْبَ فِيْهِ وَ لٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿٢٦﴾ ع ٣

٢٧. تون چؤ تہ الله ئي توهانکي زندهہ ڪريٿو ۔ وري اهوئي توهان کي ماريندو. وري اهوئي توهان کي قيامت جي ڏينهن تائين جمع ڪندو ويندو (۽) انهيءَ ۾ ڪوبہ شڪ ڪونهي پر اڪثر ماڻهو انهيءَ جو علم نٿا رکن.

وَ لِلّٰهِ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ وَ يَوْمَ تَقُوْمُ السَّاعَةُ يَوْمَئِذٍ يَّخْسَرُ الْمُبْطِلُوْنَ ﴿٢٧﴾

٢٨. ۽ آسمانن ۽ زمين جي بادشاهت خدا جي ئي آهي ۽ جنهن وقت واعدو ڪيل گهڙي ايندي انهيءَ ڏينهن ڪوڙ ڳالهائڻ وارا وڏي گهاٽي ۾ هوندا.

وَ تَرٰى كُلَّ اُمَّةٍ جَاثِيَةً كُلُّ اُمَّةٍ تُدْعٰۤى اِلٰى كِتٰبِهَا اَلْيَوْمَ تُجْزَوْنَ مَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿٢٨﴾

٢٩. ۽ تون هر هڪ امت کي ڏسندين تہ اها زمين تي گوڏن ڀر ڪريل هوندي ۔ هر هڪ قوم کي پنهن جي شريعت ڏانهن سڏيو ويندو انهيءَ ڏينهن توهانکي توهانجي عملن جي مطابق جزا ڏني ويندي.

هٰذَا كِتٰبُنَا يَنْطِقُ عَلَيْكُمْ بِالْحَقِّ اِنَّا كُنَّا نَسْتَنْسِخُ مَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿٢٩﴾

٣٠. (۽ اسان چونداسين ڏسو) هي اسانجو ڪتاب آهي جيڪو توهانجي خلاف سچي سچي شاهدي ڏيئي رهيو آهي ۔ جيڪي ڪجهہ توهان عمل ڪندا هئا اسان انهيءَ کي لکندا ويندا هواسين.

فَأَمَّا الَّذِينَ آمَنُوا وَعَمِلُوا الصَّالِحَاتِ فَيُدْخِلُهُمْ رَبُّهُمْ فِي رَحْمَتِهِ ۚ ذَٰلِكَ هُوَ الْفَوْزُ الْمُبِينُ ﴿٣١﴾

٣١. پوءِ جيڪي ماڻهو مومن هئا ۽ جن نيڪ عمل ڪيا هئا انهن کي انهن جو رب پنهن جي رحمت جي (ڇانو جي) هيٺان رکندو ۽ اهائي ظاهر ظهور ڪاميابي آهي.

وَأَمَّا الَّذِينَ كَفَرُوا أَفَلَمْ تَكُنْ آيَاتِي تُتْلَىٰ عَلَيْكُمْ فَاسْتَكْبَرْتُمْ وَكُنْتُمْ قَوْمًا مُجْرِمِينَ ﴿٣٢﴾

٣٢. ۽ اهي ماڻهو جيڪي ڪافر ٿي ويا هئا (انهن کي چيو ويندو تہ) ڇا منهن جون آيتون توهانکي پڙهي نہ ٻڌايون وينديون هيون پر (باوجود انهيءَ جي) توهان تڪبر ڪندا هئا. ۽ توهان ڏوهاري قوم ۾ داخل ٿي ويا هئا.

وَإِذَا قِيلَ إِنَّ وَعْدَ اللَّهِ حَقٌّ وَالسَّاعَةُ لَا رَيْبَ فِيهَا قُلْتُمْ مَا نَدْرِي مَا السَّاعَةُ إِنْ نَظُنُّ إِلَّا ظَنًّا وَمَا نَحْنُ بِمُسْتَيْقِنِينَ ﴿٣٣﴾

٣٣. ۽ جڏهين انهن کي اهو چيو ويندو تہ الله جو واعدو تہ سچو آهي ۽ (دنيا جي) آخري تباهي ضرور اچڻ واري آهي انهيءَ ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي تہ انهيءَ تي اهي چون ٿا تہ اسان نٿا ڄاڻون قيامت ڪهڙي شئي آهي؟ اسانکي تہ انهيءَ جي متعلق صرف شڪ آهي ۽ اسانکي انهيءَ تي يقين ڪوبہ نہ آهي.

وَبَدَا لَهُمْ سَيِّئَاتُ مَا عَمِلُوا وَحَاقَ بِهِمْ مَا كَانُوا بِهِ يَسْتَهْزِئُونَ ﴿٣٤﴾

٣٤. ۽ انهيءَ وقت انهن تي انهن جي عملن جون خرابيون ظاهر ٿي وينديون ۽ جن ڳالهين تي اهي کلندا هئا (يعني انهن جو انڪار ڪندا هئا) اهي انهن جو گهيرو ڪنديون (۽ سچ پچ انهن جي اکين اڳيان اچي وينديون)

وَقِيلَ الْيَوْمَ نَنْسَاكُمْ كَمَا نَسِيتُمْ لِقَاءَ يَوْمِكُمْ هَٰذَا وَمَأْوَاكُمُ النَّارُ وَمَا لَكُمْ مِنْ نَاصِرِينَ ﴿٣٥﴾

٣٥. ۽ انهن کي چيو ويندو تہ اڄ اسان توهانکي اهڙيءَ طرح ٻي مدد ڇڏي ڏنو آهي جهڙي طرح توهان انهيءَ ڏينهن جي ملاقات جي خيال کي ڇڏي ڏنو هو ۽ توهانجو ٺڪاڻو باهہ هوندو ۽ ڪوبہ توهانجي مدد ڪرڻ وارو نہ هوندو.

ذَٰلِكُمْ بِأَنَّكُمُ اتَّخَذْتُمْ آيَاتِ اللَّهِ هُزُوًا وَغَرَّتْكُمُ

٣٦. اهو انهيءَ ڪري هوندو جو توهان الله

الْحَيٰوةُ الدُّنْيَا ۚ فَالْيَوْمَ لَا يُخْرَجُوْنَ مِنْهَا وَلَا هُمْ يُسْتَعْتَبُوْنَ ﴿٣٥﴾

جي نشانن کي کل جو سبب بنائي ڇڏيو هو ۽ دنيا جي زندگي توهانکي دوکو ڏنو هو پوءِ اڄ نہ تہ اهي هن عذاب مان ڪڍيا ويندا ۽ نہ انهن جي طرفان خدا کي راضي ڪرڻ جي ڪوشش قبول ڪئي ويندي.

فَلِلّٰهِ الْحَمْدُ رَبِّ السَّمٰوٰتِ وَرَبِّ الْاَرْضِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٣٦﴾

٣٦. بس الله جيڪو آسمانن ۽ زمين جو رب آهي ۽ سڀني جهانن جو رب آهي سڀ تعريف انهيءَ جي ئي آهي.

وَلَهُ الْكِبْرِيَآءُ فِى السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۖ وَهُوَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ﴿٣٧﴾

٣٧. ۽ آسمانن ۽ زمين ۾ سڀ وڏائي انهيءَ جي ئي آهي ۽ اهو غالب (۽) حڪمت وارو آهي.

سُوْرَةُ الْاَحْقَافِ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ مَعَ الْبَسْمَلَةِ سِتٌّ وَّثَلٰثُوْنَ اٰيَةً وَّاَرْبَعَةُ رُكُوْعَاتٍ

سورت احقاف ـ هي سورت مڪي آهي ۽ بسم الله سميت هن جون ڇٽيهه آيتون ۽ چار رڪوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ①

١ـ (مان) الله جو نالو وٺي جيڪو بيحد ڪرم ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي (پڙهانئو)

حٰمٓ ②

٢ـ حميد ۽ مجيد (خدا هن سورت جي نازل ڪرڻ وارو آهي).

تَنْزِيْلُ الْكِتٰبِ مِنَ اللّٰهِ الْعَزِيْزِ الْحَكِيْمِ ③

٣ـ الله (يعني) غالب ۽ حڪمت واري هستيءَ جي طرفان هن ڪتاب (مجيد) کي نازل ڪيو ويو آهي.

مَا خَلَقْنَا السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ وَمَا بَيْنَهُمَآ اِلَّا بِالْحَقِّ وَاَجَلٍ مُّسَمًّى ۗ وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا عَمَّآ اُنْذِرُوْا مُعْرِضُوْنَ ④

٤ـ (۽ هو چوي ٿو ته) اسان آسمانن ۽ زمين کي ۽ جيڪي ڪي ڪجهه انهيءَ جي وچ ۾ آهي سواءِ سبب جي پيدا نه ڪيو آهي ۽ نه بنان ڪنهن مدت مقرر ڪرڻ جي پيدا ڪيو آهي ۽ اهي ماڻهو جن انڪار ڪيو آهي اهي هن ڳالهه کان منهن موڙي رهيا آهن.

قُلْ اَرَءَيْتُمْ مَّا تَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ اَرُوْنِيْ مَاذَا خَلَقُوْا مِنَ الْاَرْضِ اَمْ لَهُمْ شِرْكٌ فِي السَّمٰوٰتِ ۖ اِيْتُوْنِيْ بِكِتٰبٍ مِّنْ قَبْلِ هٰذَآ اَوْ اَثٰرَةٍ مِّنْ عِلْمٍ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ⑤

٥ـ جنهن ڪان اهي ڊيڄاريا ويا آهن تون (انهن کي) چؤ مونکي ٻڌايو ته سهي ته جنکي توهان خدا کانسواءِ پڪاريو ٿا انهن زمين جي ڪهڙي شئي پيدا ڪئي آهي؟ يا انهن جو آسمان جي پيدائش ۾ ڪو دخل آهي. جيڪڏهين توهان انهيءَ دعوي ۾ سچا آهيو ته انهيءَ کان ٻهرين جي ڪنهن ڪتاب جو دليل پيش ڪيو يا جيڪڏهين (ڪوبه ڪتاب ڪونهي ۽) توهان سچا آهيو ته ڪو علمي دليل ئي پيش ڪيو.

وَمَنْ اَضَلُّ مِمَّنْ يَّدْعُوْا مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ مَنْ

٦ـ ۽ انهيءَ کان وڌيڪ گمراهه ڪير ٿي

لَا يَسْتَجِيْبُ لَهٗۤ اِلٰى يَوْمِ الْقِيٰمَةِ وَهُمْ عَنْ دُعَآئِهِمْ غٰفِلُوْنَ ۝٦

سگھيٺو جيڪو الله کانسواءِ انهن (هستين) کي پڪاري ٿو جيڪي قيامت تائين انهيءَ جي ڪابہ دعا قبول نٿيون ڪري سگهن بلڪ اهي (هستيون) انهن جي دعائن کان بلڪل بي علم آهن.

5

وَاِذَا حُشِرَ النَّاسُ كَانُوْا لَهُمْ اَعْدَآءً وَّكَانُوْا بِعِبَادَتِهِمْ كٰفِرِيْنَ ۝٧

٧ ـ ۽ جڏهن ماڻهن کي ٻيهر جيئرو ڪري اٿاريو ويندو اهي (ڪوڙا بنايل معبود) انهن جا دشمن هوندا ۽ انهن جي عبادت جو انڪار ڪندا.

وَاِذَا تُتْلٰى عَلَيْهِمْ اٰيٰتُنَا بَيِّنٰتٍ قَالَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لِلْحَقِّ لَمَّا جَآءَهُمْ ۙ هٰذَا سِحْرٌ مُّبِيْنٌ ۝٨

٨ ـ ۽ جڏهن انهن کي اسانجون ظاهر ظهور آيتون پڙهايون وڃن ٿيون تہ ڪافر حق جي ڳالهہ ٻڌي چون ٿا تہ هيءَ تہ هڪ ظاهر ظهور جادو آهي (پوءِ اسان انهيءَ کي ڪيئن مڃون).

اَمْ يَقُوْلُوْنَ افْتَرٰىهُ ؕ قُلْ اِنِ افْتَرَيْتُهٗ فَلَا تَمْلِكُوْنَ لِيْ مِنَ اللّٰهِ شَيْـًٔا ؕ هُوَ اَعْلَمُ بِمَا تُفِيْضُوْنَ فِيْهِ ؕ كَفٰى بِهٖ شَهِيْدًۢا بَيْنِيْ وَبَيْنَكُمْ ؕ وَهُوَ الْغَفُوْرُ الرَّحِيْمُ ۝٩

٩ـ ڇا اهي اهو چون ٿا تہ اهو (قرآن) هن پاڻ ونان ٺاهيو آهي تون انهن کي چؤ تہ جيڪڏهن مون انهيءَ کي پاڻ ٺاهيو آهي تہ (مان خدا جي سزا جو مستحق آهيان ۽) توهان مونکي خدا جي عتاب جي ڪنهن بہ حصي کان بہ بچائي نٿا سگهو. هو انهن ڳالهين کي چڱيءَ طرح ڄاڻي ٿو جيڪي توهان سواءِ مطلب جي ڪندا رهو ٿا. هو توهانجي ۽ منهن جي وچ ۾ شاهد طور ڪافي آهي ۽ هو ڏاڍو بخشڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي.

قُلْ مَا كُنْتُ بِدْعًا مِّنَ الرُّسُلِ وَمَآ اَدْرِيْ مَا يُفْعَلُ بِيْ وَلَا بِكُمْ ؕ اِنْ اَتَّبِعُ اِلَّا مَا يُوْحٰۤى اِلَيَّ وَمَآ اَنَا اِلَّا نَذِيْرٌ مُّبِيْنٌ ۝١٠

١٠ـ تون انهن کي چؤ تہ مان دنيا ۾ پهريون رسول تہ نہ آيو آهيان (مون کان پهرين ڪيترائي رسول گذري چڪا آهن) ۽ مان نٿو ڄاڻان تہ مون سان خدا ڪهڙو معاملو ڪندو. ۽ نہ اهو ڄاڻان ٿو تہ توهان سان

کھڙو معاملو ڪندو مان تہ صرف انهيءَ
وحيءَ جي تابعداري ڪيانٿو جيڪا مونتي
نازل ٿي آهي ۽ مان تہ صرف هڪ ظاهر
ظهور ڊيڄارڻ وارو آهيان.

قُلْ اَرَءَيْتُمْ اِنْ كَانَ مِنْ عِنْدِ اللّٰهِ
وَكَفَرْتُمْ بِهٖ وَشَهِدَ شَاهِدٌ مِّنْۢ بَنِيْٓ
اِسْرَآءِيْلَ عَلٰى مِثْلِهٖ فَاٰمَنَ وَاسْتَكْبَرْتُمْ ؕ
اِنَّ اللّٰهَ لَا يَهْدِي الْقَوْمَ الظّٰلِمِيْنَ ﴿۱۱﴾ ع

۱۱. تون چؤ تہ مونکي ٻڌايو تہ سهي تہ
جيڪڏهين منهن جي وحي خدا جي طرفان ٿي
۽ توهان انهيءَ جو انڪار ڪري ڇڏيو باوجود
انهيءَ جي جو بني اسرائيل مان هڪ شاهد
(يعني موسيٰ) شاهدي ڏيئي چڪو آهي تہ
هن وانگر هڪ شخص ظاهر ٿيندو (تہ ڇا اها
عجيب ڳالهہ نہ ٿيندي تہ اهو جيڪو
پهرين گذريو هو) انهيءَ تہ ايمان آندو ۽
توهان (جن جي زماني ۾ اهو آيو آهي) تڪبر
کان ڪم وٺي رهيا آهيو الله ظلم ڪرڻ وارن
کي ڪڏهين بہ هدايت جي واٽ نٿو ڏيکاري.

وَقَالَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لِلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَوْ كَانَ خَيْرًا مَّا
سَبَقُوْنَآ اِلَيْهِ ؕ وَاِذْ لَمْ يَهْتَدُوْا بِهٖ فَسَيَقُوْلُوْنَ
هٰذَآ اِفْكٌ قَدِيْمٌ ﴿۱۲﴾

۱۲. ۽ ڪافر مومنن کي چون ٿا تہ
جيڪڏهين قرآن ڪا سٺي تعليم هجي ها تہ
هي (مومن) اسان کان پهرين انهيءَ تي ايمان
نہ آڻين ها ۽ جيئن تہ انهن (ڪافرن) تي
انهيءَ جي سچائي ظاهر نہ ٿي آهي اهي
(نامرادي ۽ غصي کان اهائي ڳالهہ) چوندا
تہ هيءَ تہ هڪ پراڻو ڪوڙ آهي (جيڪو
پهريائين ماڻهن بہ خدا جي متعلق ڳالهائيندا
آيا آهن)

وَمِنْ قَبْلِهٖ كِتٰبُ مُوْسٰٓى اِمَامًا وَّرَحْمَةً ؕ وَهٰذَا
كِتٰبٌ مُّصَدِّقٌ لِّسَانًا عَرَبِيًّا لِّيُنْذِرَ الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا ۖ
وَبُشْرٰى لِلْمُحْسِنِيْنَ ﴿۱۳﴾ ۚ

۱۳. حالانڪ هن کان پهرين موسيٰ جو
ڪتاب گذري چڪو آهي جيڪو رهنمائي
ڪرڻ وارو بہ هو ۽ رحمت بہ هو ۽ هيءَ
(قرآن) هڪ اهڙو ڪتاب آهي جيڪو پاڻ
کان پهرين ڪتاب جي تصديق ڪريٿو ۽
عربي زبان ۾ آهي انهيءَ لاءِ تہ جن ظلم

ڪيو آهي انهن کي ڊيڄاري ۽ جيڪي ماڻهو خدا جي حڪم مطابق ڪم ڪن ٿا انهن کي خوشخبري ڏئي.

اِنَّ الَّذِيْنَ قَالُوْا رَبُّنَا اللّٰهُ ثُمَّ اسْتَقَامُوْا فَلَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ﴿١٣﴾

١٣. (يعني) اهي ماڻهو جيڪي هيئن چون ٿا الله ئي اسانجو رب آهي (۽) پوءِ اهي انهيءَ دعويٰ تي مضبوطيءَ سان قائم ٿي وڃن ٿا سو اهڙن ماڻهن کي نہ تہ ڪنهن آئيندي ڳالهہ جو ڊپ ٿيندو ۽ نہ پوئين زماني جي ڪنهن ڪوتاهيءَ جو غم ٿيندو.

اُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ الْجَنَّةِ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ۚ جَزَآءًۢ بِمَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿١٤﴾

١٤. اهي ماڻهو جنت ۾ وڃڻ وارا آهن اهي انهيءَ ۾ پنهن جن ڪيل عملن جي بدلي ۾ هميشه رهندا ايندا.

وَوَصَّيْنَا الْاِنْسَانَ بِوَالِدَيْهِ اِحْسٰنًا ۭ حَمَلَتْهُ اُمُّهٗ كُرْهًا وَّوَضَعَتْهُ كُرْهًا ۭ وَحَمْلُهٗ وَفِصٰلُهٗ ثَلٰثُوْنَ شَهْرًا ۭ حَتّٰٓى اِذَا بَلَغَ اَشُدَّهٗ وَبَلَغَ اَرْبَعِيْنَ سَنَةً ۙ قَالَ رَبِّ اَوْزِعْنِيْٓ اَنْ اَشْكُرَ نِعْمَتَكَ الَّتِيْٓ اَنْعَمْتَ عَلَيَّ وَعَلٰي وَالِدَيَّ وَاَنْ اَعْمَلَ صَالِحًا تَرْضٰىهُ وَاَصْلِحْ لِيْ فِيْ ذُرِّيَّتِيْ ۚ اِنِّىْ تُبْتُ اِلَيْكَ وَاِنِّىْ مِنَ الْمُسْلِمِيْنَ ﴿١٥﴾

١٥. ۽ اسان انسانن کي پنهن جي والدين سان احسان جي تعليم ڏني هئي ڇو جو انهيءَ جي ماءُ انهيءَ کي تڪليف سان پيٽ ۾ کنيو هو ۽ پوءِ تڪليف سان انهيءَ کي ڄڻيو هو ۽ انهيءَ جي کڻڻ ۽ انهيءَ جي کير ڇڏائڻ تي ٽيهہ مهينا لڳا هئا. پوءِ جڏهين اهو انسان پنهن جي ڪامل جواني يعني چاليهن سالن کي پهچي ويو تہ انهيءَ چيو- اي منهنجا رب! مونکي انهيءَ ڳالهہ جي توفيق ڏي، جو مان تنهنجي هن نعمت جو شڪر ادا ڪريان جيڪا تو مون تي ۽ منهنجي ماءُ پيءُ تي ڪئي آهي ۽ (انهيءَ ڳالهہ جي بہ توفيق ڏي) تہ مان اهڙا سٺا عمل ڪيان جن کي تون پسند ڪرين ۽ منهن جي اولاد ۾ بہ نيڪيءَ جو بنياد قائم ڪر مان تنهنجي طرف جهڪان ٿو ۽ مان تنهن جن فرمانبردار بندن مان آهيان.

اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ نَتَقَبَّلُ عَنْهُمْ اَحْسَنَ مَا عَمِلُوْا وَ

١٦. (جيڪي ماڻهو اٿين ڪندا) اهي ئي

فِي الْاَرْضِ بِغَيْرِ الْحَقِّ وَبِمَا كُنْتُمْ تَفْسُقُوْنَ ﴿٢٠﴾ ع

مان جيترو فائدو وٺڻو هو وٺي چڪا آهيو پوءِ اڄ توهانکي زمين ۾ بناڻ حق جي تڪبر ڪرڻ ۽ نافرماني ڪرڻ جي سببان خواريءَ جو عذاب ڏنو ويندو.

وَاذْكُرْ اَخَا عَادٍ ؕ اِذْ اَنْذَرَ قَوْمَهٗ بِالْاَحْقَافِ وَقَدْ خَلَتِ النُّذُرُ مِنْۢ بَيْنِ يَدَيْهِ وَمِنْ خَلْفِهٖۤ اَلَّا تَعْبُدُوْۤا اِلَّا اللّٰهَ ؕ اِنِّيْۤ اَخَافُ عَلَيْكُمْ عَذَابَ يَوْمٍ عَظِيْمٍ ﴿٢١﴾

٢٢- ۽ (اي نبي!) عاد جي ڀاءُ (هود) کي به ياد ڪر جڏهين انهيءَ پنهن جي قوم کي احقاف ۾ ڊيڄاريو هو ۽ انهيءَ (هود) کان پهرينءَ به ڪيترا نبي گذري چڪا هئا ۽ انهيءَ کانپوءِ به ظاهر ٿيا ۽ انهن مان هر هڪ هيءَ تعليم ڏيندو هو ته الله کانسواءِ ڪنهن جي به پوڄا نه ڪريو. مان توهانتي هڪ وڏي ڏينهن جي عذاب جي اچڻ کان ڊڄانٿو.

قَالُوْۤا اَجِئْتَنَا لِتَاْفِكَنَا عَنْ اٰلِهَتِنَا ۚ فَاْتِنَا بِمَا تَعِدُنَاۤ اِنْ كُنْتَ مِنَ الصّٰدِقِيْنَ ﴿٢٢﴾

٢٣- انهن ماڻهن چيو ڇا تون اسان وٽ انهيءَ لاءِ آيو آهين ته اسانکي پنهن جن معبودن کان هٽائي ڇڏين. جيڪڏهين ائين آهي ته تون پنهن جي سچي هئڻ جي صورت ۾ جنهن شيءِ جو تون اسان سان واعدو ڪرين ٿو اها اسان وٽ آڻ.

قَالَ اِنَّمَا الْعِلْمُ عِنْدَ اللّٰهِ ۖ وَاُبَلِّغُكُمْ مَّاۤ اُرْسِلْتُ بِهٖ وَلٰكِنِّيْۤ اَرٰىكُمْ قَوْمًا تَجْهَلُوْنَ ﴿٢٣﴾

٢٤- (هود) چيو ته حقيقي علم ته الله وٽ آهي ۽ مان ته صرف اها تعليم توهان تائين پهچايان ٿو جنهن جي پهچائڻ جي ذميداري خدا مونتي وڌي آهي. پر مان ڏسان ٿو ته توهان هڪ جاهل قوم آهيو.

فَلَمَّا رَاَوْهُ عَارِضًا مُّسْتَقْبِلَ اَوْدِيَتِهِمْ ۙ قَالُوْا هٰذَا عَارِضٌ مُّمْطِرُنَا ؕ بَلْ هُوَ مَا اسْتَعْجَلْتُمْ بِهٖ ؕ رِيْحٌ فِيْهَا عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿٢٤﴾

٢٥- پوءِ جڏهين انهيءَ قوم انهيءَ عذاب کي هڪ ڪڪر جي صورت ۾ پنهن جي وادين ڏانهن وڌندي ڏٺو ته انهن چيو ته اهو هڪ ڪڪر آهي جيڪو اسانتي مينهن وسائيندو. (اسان چيو) نه هيءَ اهو (عذاب) آهي جنهن کي توهان جلد گهريو ٿي (هيءَ) هڪ

هوا آهي جنهن ۾ دردناڪ عذاب لڪل آهي.

تُدَمِّرُ كُلَّ شَيْءٍۢ بِأَمْرِ رَبِّهَا فَأَصْبَحُوا لَا يُرَىٰٓ إِلَّا مَسَٰكِنُهُمْ ۚ كَذَٰلِكَ نَجْزِى ٱلْقَوْمَ ٱلْمُجْرِمِينَ ﴿٢٦﴾

٢٦. هيءَ هوا پنهن جي رب جي حڪم سان هر شيءِ کي تباهه ڪندي ويندي - پوءِ نتيجو اهو ٿيو جو انهن تي صبح اهڙي وقت آيو جو صرف انهن جا گهر ٿي نظر آيا ٿي (سڄي قوم واريءَ ۾ دٻجي وئي) اهڙيءَ طرح اسان ڏوهاري قوم کي جزا ڏيندا آهيون.

وَلَقَدْ مَكَّنَّٰهُمْ فِيمَآ إِن مَّكَّنَّٰكُمْ فِيهِ وَجَعَلْنَا لَهُمْ سَمْعًا وَأَبْصَٰرًا وَأَفْـِٔدَةً فَمَآ أَغْنَىٰ عَنْهُمْ سَمْعُهُمْ وَلَآ أَبْصَٰرُهُمْ وَلَآ أَفْـِٔدَتُهُم مِّن شَىْءٍ إِذْ كَانُوا يَجْحَدُونَ بِـَٔايَٰتِ ٱللَّهِ وَحَاقَ بِهِم مَّا كَانُوا بِهِۦ يَسْتَهْزِءُونَ ﴿٢٧﴾

٢٧. ۽ اسان انهن کي اها طاقت بخشي هئي - جيڪا طاقت توهانکي نه بخشي ۽ اسان انهن کي توهان وانگر ڪن ۽ اکيون ۽ دل به ڏني هئي (پر انهن به توهان وانگر انهن شين کان ڪم نه ورتو) سو انهن جي ڪنن ۽ اکين ۽ دلين انهن کي ڪوبه نفعو نه ڏنو ڇو جو اهي الله جي آيتن جي انڪار تي هوڏ ڪندا هئا ۽ جنهن عذاب تي اهي ٺٺوڪ ڪندا هئا انهيءَ انهن کي چئني طرفن کان گهيري ورتو.

وَلَقَدْ أَهْلَكْنَا مَا حَوْلَكُم مِّنَ ٱلْقُرَىٰ وَصَرَّفْنَا ٱلْءَايَٰتِ لَعَلَّهُمْ يَرْجِعُونَ ﴿٢٨﴾

٢٨. ۽ اسان انهن بستين کي به تباهه ڪري چڪا آهيون جيڪي توهانجي ارد گرد آهن - ۽ اسان نشانين کي کولي کولي بيان ڪيو آهي انهيءَ لاءِ ته (انهن آيتن جا مخاطب) پنهن جي ضد کان باز اچن.

فَلَوْلَا نَصَرَهُمُ ٱلَّذِينَ ٱتَّخَذُوا مِن دُونِ ٱللَّهِ قُرْبَانًا ءَالِهَةًۢ ۖ بَلْ ضَلُّوا عَنْهُمْ ۚ وَذَٰلِكَ إِفْكُهُمْ وَمَا كَانُوا يَفْتَرُونَ ﴿٢٩﴾

٢٩. پوءِ ڇو نه انهن ماڻهن جن کي انهن الله کانسواءِ انهيءَ لاءِ معبود بنائي رکيو هو ته اهي انهن کي خدا جي ويجهو ڪن انهن جي مدد ڪئي بلڪ اهي موقعي تي انهن (جي اکين) کان غائب ٿي ويا ۽ اهو انهن جي ڪوڙ ۽ افترا جو نتيجو آهي.

وَإِذْ صَرَفْنَآ إِلَيْكَ نَفَرًا مِّنَ ٱلْجِنِّ يَسْتَمِعُونَ ٱلْقُرْءَانَ فَلَمَّا حَضَرُوهُ قَالُوٓا أَنصِتُوا ۖ فَلَمَّا قُضِىَ وَلَّوْا إِلَىٰ

٣٠. ۽ جڏهين اسان جنن مان ڪن ماڻهن کي تو ڏانهن ڦيرائي وٺي آياسين - جيڪي قرآن ٻڌڻ جي خواهش رکندا هئا. پوءِ جڏهين اهي

قَوْمِهِمْ مُّنْذِرِيْنَ ۝٢٩

(قرآن پڙهڻ جي مجلس ۾) حاضر ٿيا تہ انهن هڪ ٻئي کي چيو تہ چپ ٿي وڃو - پوءِ جڏهين قرآن جي تلاوت ختم ٿي ويئي تہ اهي پنهن جي قوم ڏانهن واپس هليا ويا ۽ انهن ۾ وڃي اسلام جي اشاعت شروع ڪري ڏني.

قَالُوْا يٰقَوْمَنَآ اِنَّا سَمِعْنَا كِتٰبًا اُنْزِلَ مِنْۢ بَعْدِ مُوْسٰى مُصَدِّقًا لِّمَا بَيْنَ يَدَيْهِ يَهْدِيْٓ اِلَى الْحَقِّ وَاِلٰى طَرِيْقٍ مُّسْتَقِيْمٍ ۝٣٠

٣١. (۽) پنهن جي قوم کي چيائون - اي اسانجي قوم! اسان هڪ اهڙي ڪتاب کي ٻڌو آهي جيڪو موسيٰ کانپوءِ لاٿو ويو آهي ۽ جيڪي ڪتاب انهيءَ کان پهرين لٿا آهن انهن جي تصديق ڪري ٿو ۽ سچ ڏانهن ۽ سڌي رستي ڏانهن رهنمائي ڪري ٿو.

يٰقَوْمَنَآ اَجِيْبُوْا دَاعِيَ اللّٰهِ وَاٰمِنُوْا بِهٖ يَغْفِرْ لَكُمْ مِّنْ ذُنُوْبِكُمْ وَيُجِرْكُمْ مِّنْ عَذَابٍ اَلِيْمٍ ۝٣١

٣٢. اي اسانجي قوم! الله جي طرفان نئين ڪتاب آڻڻ واري شخص جي پڪار کي قبول ڪيو ۽ انهيءَ تي ايمان آڻيو. نتيجو اهو ٿيندو جو الله توهانجي گناهن کي معاف ڪري ڇڏيندو ۽ توهان کي هڪ اچڻ واري دردناڪ عذاب کان پناهہ ڏيندو.

وَمَنْ لَّا يُجِبْ دَاعِيَ اللّٰهِ فَلَيْسَ بِمُعْجِزٍ فِي الْاَرْضِ وَلَيْسَ لَهٗ مِنْ دُوْنِهٖٓ اَوْلِيَآءُ ۗ اُولٰٓئِكَ فِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ ۝٣٢

٣٣. ۽ جيڪو الله جي طرف سڏڻ واري جي ڳالهہ کي قبول نٿو ڪري اهو انهيءَ کي دنيا ۾ هارائي نٿو سگهي ۽ خدا کانسواءِ انهيءَ کي پناهہ ڏيڻ وارا وجود ڪٿي ڪونہ آهن اهڙا ماڻهو کليل گمراهيءَ ۾ مبتلا هوندا آهن.

اَوَلَمْ يَرَوْا اَنَّ اللّٰهَ الَّذِيْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ وَلَمْ يَعْيَ بِخَلْقِهِنَّ بِقٰدِرٍ عَلٰٓى اَنْ يُّحْيِۦَ الْمَوْتٰى ۭ بَلٰٓى اِنَّهٗ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ۝٣٣

٣٤. (ڇا هو نہ ٿا ڏسن تہ اهو خدا جنهن آسمانن ۽ زمين کي پيدا ڪيو ۽ انهن جي پيدائش کان نہ ٿڪيو) اهو انهيءَ تي بہ قادر آهي جو مئلن کي بہ جيئرو ڪري اهو پنهن جي هر ارادي کي پوري ڪرڻ تي قادر آهي.

وَيَوْمَ يُعْرَضُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا عَلَى النَّارِ ۭ اَلَيْسَ هٰذَا

٣٥. ۽ جنهن ڏينهن ڪافرن کي باهہ جي

بِالْحَقِّ قَالُوْا بَلٰى وَرَبِّنَا قَالَ فَذُوْقُوا الْعَذَابَ
بِمَا كُنْتُمْ تَكْفُرُوْنَ ﴿٣٤﴾

فَاصْبِرْ كَمَا صَبَرَ اُولُوا الْعَزْمِ مِنَ الرُّسُلِ وَلَا
تَسْتَعْجِلْ لَّهُمْ كَاَنَّهُمْ يَوْمَ يَرَوْنَ مَا يُوْعَدُوْنَ
لَمْ يَلْبَثُوْٓا اِلَّا سَاعَةً مِّنْ نَّهَارٍ بَلٰغٌ فَهَلْ يُهْلَكُ
اِلَّا الْقَوْمُ الْفٰسِقُوْنَ ﴿٣٥﴾

سامهون پيش ڪيو ويندو ۽ چيو ويندو ڇا هي حق ڪونهي؟ اهي چوندا هائو هائو! اسانکي پنهن جي رب جو قسم! (اهو بلڪل سچ آهي) تڏهين (الله) فرمائيندو, چڱو توهان پنهن جي ڪفر جي سببان عذاب چکو.

٣٦. پوءِ (اي نبي!) تون بہ (اهڙي طرح) صبر ڪر جهڙيءَ طرح پختي ارادي وارا رسول (توکان پهرين) صبر ڪري چڪا آهن ۽ انهن جيلاءِ هيءَ دعا نہ ڪر تہ انهن تي جلدي عذاب اچي جنهن ڏينهن اهي پنهن جي موعود عذاب کي ڏسندا انهن جي حالت اهڙي هوندي جو ڄڻ اهي هن دنيا ۾ تمام ٿورڙو وقت رهيا آهن.اها ڳالهہ (انهن ڪافرن جي لاءِ) رڳو هڪ نصيحت طور چيئي ويئي آهي ۽ فاسق قوم کانسواءِ ڪنهن کي تباهہ نٿو ڪيو ويندو.

## سُوْرَةُ مُحَمَّدٍ مَّدَنِيَّةٌ وَّهِيَ مَعَ الْبَسْمَلَةِ تِسْعٌ وَّثَلٰثُوْنَ اٰيَةً وَّاَرْبَعُ رُكُوْعَاتٍ

سورت محمد ـ هيءَ سورت مدني آهي ۽ بسم الله سميت انهيءَ جون اٺيتاليهه آيتون ۽ چار رڪوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ①

١ـ (مان) الله جو نالو وٺي جيڪو بيحد ڪرم ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي (پڙهاڻو)

اَلَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَصَدُّوْا عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ اَضَلَّ اَعْمَالَهُمْ ②

٢ـ اهي ماڻهو جن ڪفر ڪيو ۽ الله جي رستي کان روڪيو، الله انهن جي عملن کي تباهه ڪري ڇڏيو.

وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ وَاٰمَنُوْا بِمَا نُزِّلَ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّهُوَ الْحَقُّ مِنْ رَّبِّهِمْ كَفَّرَ عَنْهُمْ سَيِّاٰتِهِمْ وَاَصْلَحَ بَالَهُمْ ③

٣ـ ۽ جن ايمان آندو ۽ انهن ايمان جي مطابق عمل ڪيا ۽ جيڪي محمد (رسول الله صلي الله عليه وسلم) تي نازل ٿيو، انهيءَ تي ايمان آندائون ۽ اهوئي انهن جي رب جي طرفان حق آهي ـ الله انهن جي بدين کي ڍڪيندو ۽ انهن جي حالتن کي درست ڪري ڇڏيندو.

ذٰلِكَ بِاَنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوا اتَّبَعُوا الْبَاطِلَ وَاَنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّبَعُوا الْحَقَّ مِنْ رَّبِّهِمْ ؕ كَذٰلِكَ يَضْرِبُ اللّٰهُ لِلنَّاسِ اَمْثَالَهُمْ ④

٤ـ اهو انهيءَ لاءِ ڪيو ويو جو جن ڪفر ڪيو هو انهن ڪوڙ جي پيروي ڪئي هئي ۽ جن ايمان آندو هو اهي پنهن جي رب جي طرفان اچڻ واري حق جي پويان هليا هئا الله اهڙيءَ طرح ماڻهن جي اڳيان انهن جو (اصل) حال بيان ڪريٿو.

فَاِذَا لَقِيْتُمُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا فَضَرْبَ الرِّقَابِ ؕ حَتّٰٓى اِذَآ اَثْخَنْتُمُوْهُمْ فَشُدُّوا الْوَثَاقَ ۙ فَاِمَّا مَنًّۢا بَعْدُ وَاِمَّا فِدَآءً حَتّٰى تَضَعَ الْحَرْبُ اَوْزَارَهَا ۚۛ ذٰلِكَ ؕۛ وَلَوْ يَشَآءُ اللّٰهُ لَانْتَصَرَ مِنْهُمْ وَلٰكِنْ لِّيَبْلُوَا بَعْضَكُمْ بِبَعْضٍ ؕ وَ

معانقة ١٣ عند المتقدمين

٥ـ پوءِ (گهرجي تہ) جڏهن توهان ڪافرن سان ميدان جنگ ۾ ملو تہ ڪنڌ ڪپيو ايستائين جو جڏهن توهان انهن جو رت وهايو تہ چڱيءَ طرح زور سان مشڪون ٻڌو پوءِ انهيءَ کانپوءِ يا تہ احسان ڪري (انهن کي ڇڏي ڏيو) يا جنگ جي چٽي وٺي (ڇڏي

الَّذِيْنَ قُتِلُوْا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ فَلَنْ يُّضِلَّ اَعْمَالَهُمْ ۝

ڏيو) ايستائين جو جنگ پنهن جا هٿيار رکي ڇڏي (يعني ختم ٿي وڃي) اهو سڀ ڪجهه حالتن هيٺ ٿيو آهي ۽ جيڪڏهين الله چاهي ها تہ خود ئي انهن ڪان بدلو وٺي ها ـ پر انهيءَ گهريو تہ توهان مان ڪن کي ڪن جي ذريعي آزمائي جيڪي ماڻهو الله جي راهہ ۾ ماريا ويا ـ الله انهن جي عملن کي ڪڏهين بہ ضايع نہ ڪندو.

سَيَهْدِيْهِمْ وَيُصْلِحُ بَالَهُمْ ۝٦

٦ـ اهو ڪين ضرور ڪاميابيءَ ڏانهن وٺي ويندو ۽ انهن جي حالت کي درست ڪندو.

وَيُدْخِلُهُمُ الْجَنَّةَ عَرَّفَهَا لَهُمْ ۝٧

٧ـ ۽ انهن کي جنتن ۾ داخل ڪندو جيڪي هن انهن کي پهرين ئي ٻڌائي ڇڏيون آهن.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِنْ تَنْصُرُوا اللّٰهَ يَنْصُرْكُمْ وَيُثَبِّتْ اَقْدَامَكُمْ ۝٨

٨ـ اي مومنو! جيڪڏهين توهان الله جي مدد ڪندو تہ اهو توهانجي مدد ڪندو ۽ توهانجن قدمن کي مضبوط ڪندو.

وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا فَتَعْسًا لَّهُمْ وَاَضَلَّ اَعْمَالَهُمْ ۝٩

٩ـ ۽ جن ڪفر ڪيو آهي انهن تي افسوس آهي ۽ خدا انهن جي عملن کي ضايع ڪري ڇڏيندو

ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ كَرِهُوْا مَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ فَاَحْبَطَ اَعْمَالَهُمْ ۝١٠

١٠ـ جو جو انهن الله جي لاٿل (ڪلام) کي نا پسند ڪيو آهي سو خدا بہ انهن جي عملن کي ضايع ڪري ڇڏيو.

اَفَلَمْ يَسِيْرُوْا فِي الْاَرْضِ فَيَنْظُرُوْا كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ دَمَّرَ اللّٰهُ عَلَيْهِمْ وَلِلْكٰفِرِيْنَ اَمْثَالُهَا ۝١١

١١ـ ڇا اهي زمين ۾ نہ گهميا جو ڏسن ها تہ جيڪي انهن ڪان پهرين گذري چڪا آهن انهن جي ڀڄاڙي ڪهڙي ٿي . الله انهن تي عذاب نازل ڪيو هو ۽ (اڄ ڪلهہ جي) ڪافرن بہ انهن جهڙو حال ٿيندو.

ذٰلِكَ بِاَنَّ اللّٰهَ مَوْلَى الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَاَنَّ الْكٰفِرِيْنَ لَا مَوْلٰى لَهُمْ ۝١٢ ع

١٢ـ اهو (انهيءَ لاءِ ٿيندو) جو الله مومنن جو مددگار آهي ۽ ڪافرن جو ڪوبہ مددگار ڪونهي.

اِنَّ اللّٰهَ يُدْخِلُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ

١٣ـ الله مومنن ۽ ايمان جي مطابق عمل

جَنّٰتٍ تَجْرِیْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ ؕ وَ الَّذِیْنَ كَفَرُوْا يَتَمَتَّعُوْنَ وَ يَاْكُلُوْنَ كَمَا تَاْكُلُ الْاَنْعَامُ وَ النَّارُ مَثْوًى لَّهُمْ ﴿۱۳﴾

ڪرڻ وارن کي اهڙن باغن ۾ داخل ڪندو جن جي هيٺان نهرون وهي رهيون هونديون ۽ جن ڪفر ڪيو آهي اهي ڪجهه دنيوي فائدو حاصل ڪندا ۽ اهڙيءَ طرح کائيندا پيئندا جهڙي طرح چوپايا کائين پيئن ٿا ۽ دوزخ انهن جو ٺڪاڻو هوندو.

وَ كَاَيِّنْ مِّنْ قَرْيَةٍ هِيَ اَشَدُّ قُوَّةً مِّنْ قَرْيَتِكَ الَّتِیْۤ اَخْرَجَتْكَ ۚ اَهْلَكْنٰهُمْ فَلَا نَاصِرَ لَهُمْ ﴿۱۴﴾

١٤- ۽ ڪيترين بستيون اهڙيون هيون جيڪي تنهن جي هن بستيءَ کان جنهن توکي ڪڍي ڇڏيو وڌيڪ طاقتور هيون (پوءِ بہ) اسان (انهن جي طاقت جي باوجود) انهن کي تباهہ ڪري ڇڏيو ۽ ڪوبہ انهن جو مددگار نہ بنجي سگهيو.

اَفَمَنْ كَانَ عَلٰى بَيِّنَةٍ مِّنْ رَّبِّهٖ كَمَنْ زُيِّنَ لَهٗ سُوْٓءُ عَمَلِهٖ وَ اتَّبَعُوْۤا اَهْوَآءَهُمْ ﴿۱۵﴾

١٥- ڇا هو جيڪو پنهنجي رب جي طرفان هڪ (مضبوط) دليل تي قائم هوندو آهي انهن وانگر ٿي سگهيٿو جن جا برا عمل انهن کي خوبصورت ڪري ڏيکاريا ويا هجن ۽ جيڪي پنهنجي خواهش جي پويان هلندا هجن.

مَثَلُ الْجَنَّةِ الَّتِیْ وُعِدَ الْمُتَّقُوْنَ ؕ فِيْهَاۤ اَنْهٰرٌ مِّنْ مَّآءٍ غَيْرِ اٰسِنٍ ۚ وَ اَنْهٰرٌ مِّنْ لَّبَنٍ لَّمْ يَتَغَيَّرْ طَعْمُهٗ ۚ وَ اَنْهٰرٌ مِّنْ خَمْرٍ لَّذَّةٍ لِّلشّٰرِبِيْنَ ۚ وَ اَنْهٰرٌ مِّنْ عَسَلٍ مُّصَفًّى ؕ وَ لَهُمْ فِيْهَا مِنْ كُلِّ الثَّمَرٰتِ وَ مَغْفِرَةٌ مِّنْ رَّبِّهِمْ ؕ كَمَنْ هُوَ خَالِدٌ فِی النَّارِ وَ سُقُوْا مَآءً حَمِيْمًا فَقَطَّعَ اَمْعَآءَهُمْ ﴿۱۶﴾

١٦- متقين سان جن جنتن جو واعدو ڪيو ويو آهي انهن ۾ اهڙي پاڻيءَ جون نهرون هونديون جنهن ۾ سڙڻ جو مادو نہ هوندو ۽ اهڙيون نهرون هونديون جن ۾ اهڙو کير وهندڙ هوندو جنهن جو مزو ڪڏهين نہ بدلبو (يعني اهو بہ نہ سڙندو) ۽ اهڙيون شراب جون نهرون هونديون جيڪي پيئڻ وارن کي مزيدار لڳنديون ۽ پاڪ ۽ صاف ماکيءَ جون نهرون بہ هونديون ۽ انهن کي انهن جنتن ۾ هر قسم جا ميوا بہ ملندا ۽ پنهنجي رب جي طرفان مغفرت بہ ملندي (ڇا اهي جنتي) انهن ماڻهن وانگر ٿي سگهن ٿا جيڪي دير تائين

باهہ ۾ رهڻ جا مستحق ٺهرايا ويا آهن ۽ جنکي اهڙو گرم پاڻي پياريو ويندو جيڪو انهن جي آنڊن کي ڦاڙي وجهندو.

وَمِنْهُمْ مَّنْ يَّسْتَمِعُ اِلَيْكَ ۚ حَتّٰۤى اِذَا خَرَجُوْا مِنْ
عِنْدِكَ قَالُوْا لِلَّذِيْنَ اُوْتُوا الْعِلْمَ مَاذَا قَالَ اٰنِفًا ۟
اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ طَبَعَ اللّٰهُ عَلٰى قُلُوْبِهِمْ وَاتَّبَعُوْٓا
اَهْوَآءَهُمْ (١٧)

١٧. ۽ انهن مان ڪي اهڙا بہ آهن جيڪي ظاهر ۾ تہ ڌانهن ڪن ڏين ٿا پر جڏهين اهي تو وٽان اٿي هليا وڃن ٿا تہ انهن ماڻهن کي جن کي علم ڏنو ويو آهي چونٿا هن (رسول) هينئر ڇا چيو هو. اهي ماڻهو اهڙا آهن جن جي دلين تي الله مهر ڪري ڇڏي ۽ اهي پنهن جي خواهشن جي پٺيان لڳي پيا آهن.

وَالَّذِيْنَ اهْتَدَوْا زَادَهُمْ هُدًى وَّ اٰتٰىهُمْ
تَقْوٰىهُمْ (١٨)

١٨. ۽ اهي ماڻهو جيڪي هدايت حاصل ڪن ٿا. الله انهن کي هدايت ۾ وڌيڪ ڪندو ٿو وڃي ۽ انهن کي انهن جي مناسب حال تقويٰ بخشي ٿو.

فَهَلْ يَنْظُرُوْنَ اِلَّا السَّاعَةَ اَنْ تَاْتِيَهُمْ بَغْتَةً ۚ
فَقَدْ جَآءَ اَشْرَاطُهَا ۚ فَاَنّٰى لَهُمْ اِذَا جَآءَتْهُمْ
ذِكْرٰىهُمْ (١٩)

١٩. پوءِ اهي صرف آخري فيصلي جي گهڙيءَ جو انتظار ڪري رهيا آهن تہ اهو انهن ڏانهن اوچتو اچي وڃي. سو انهيءَ جون نشانيون تہ ظاهر ٿي چڪيون آهن ۽ جڏهين انهيءَ جي اصل حقيقت انهن وٽ اچي پهچندي تہ (ٻڌائين تہ) انهيءَ وقت انهن کي ڪهڙي شيءِ نفعو ڏيندي؟

فَاعْلَمْ اَنَّهٗ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَاسْتَغْفِرْ لِذَنْۢبِكَ وَ
لِلْمُؤْمِنِيْنَ وَالْمُؤْمِنٰتِ ۚ وَاللّٰهُ يَعْلَمُ مُتَقَلَّبَكُمْ وَ
مَثْوٰىكُمْ (٢٠)

٢٠. ۽ ڄاڻي وٺ تہ الله کانسواءِ ڪوبہ معبود ڪونهي ۽ تنهن جي حق ۾ جيڪي (تنهن جي منڪر قوم) گناهہ ڪيا آهن انهن جي لاءِ خدا کان معافي گهرندو رهہ ۽ مومن مردن ۽ مومن عورتن جي باري ۾ بہ معافي گهرندو رهہ تہ الله انهن جي ڪوتاهين کي معاف ڪري ڇڏي ۽ الله توهانجي هيڏانهن هوڏانهن گهمڻ ۽ ڪنهن جاءِ تي ترسڻ کي چڱيءَ طرح ڄاڻي ٿو.

وَيَقُوْلُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَوْلَا نُزِّلَتْ سُوْرَةٌ ۚ فَاِذَآ اُنْزِلَتْ سُوْرَةٌ مُّحْكَمَةٌ وَّذُكِرَ فِيْهَا الْقِتَالُ ۙ رَاَيْتَ الَّذِيْنَ فِيْ قُلُوْبِهِمْ مَّرَضٌ يَّنْظُرُوْنَ اِلَيْكَ نَظَرَ الْمَغْشِيِّ عَلَيْهِ مِنَ الْمَوْتِ ۭ فَاَوْلٰى لَهُمْ ﴿٢١﴾

٢١۔ ۽ مومن چون ٿا تہ چو (انهيءَ تي) ڪا اهڙي سورت نازل نٿي ٿئي (جنهن ۾ جنگ جو حڪم هجي) پوءِ جڏهين ڪا اهڙي پختي (حڪم واري) سورت نازل ٿيندي آهي ۽ انهيءَ ۾ لڙائي جو ذڪر هوندو آهي تہ تون انهن ماڻهن کي جن جي دلين ۾ بيماري آهي ڏسين ٿو تہ اهي توڏانهن اهڙي ماڻهوءَ وانگر ڏسن ٿا جن تي موت جي بيهوشي پهتي هجي. پوءِ انهن جي لاءِ (خدا جي طرفان) تباهي مقدر آهي.

طَاعَةٌ وَّقَوْلٌ مَّعْرُوْفٌ ۣ فَاِذَا عَزَمَ الْاَمْرُ ۣ فَلَوْ صَدَقُوا اللّٰهَ لَكَانَ خَيْرًا لَّهُمْ ﴿٢٢﴾

٢٢۔ (انهن جو اصل طريقو اهو هئڻ گهربو هو جو اهي چون ها تہ اسانکي ڪنهن جلدبازيءَ جي ضرورت ڪانهي) اسانجو ڪم تہ فرمانبرداري ڪرڻ ۽ (ماڻهن کي) نيڪ ڳالهيون ٻڌائڻ آهي پوءِ جڏهين ڳالهہ پختي ٿي وڃي ها (يعني جنگ ڇڙي پوي ها) تہ جيڪڏهين اهي الله جي حضور سچا بڻجن ها (يعني جيڪو فرمانبرداري جو واعدو ڪيو هو انهيءَ کي پورو ڪن ها) تہ اهو انهن جي لاءِ بهتر ٿئي ها.

فَهَلْ عَسَيْتُمْ اِنْ تَوَلَّيْتُمْ اَنْ تُفْسِدُوْا فِي الْاَرْضِ وَتُقَطِّعُوْٓا اَرْحَامَكُمْ ﴿٢٣﴾

٢٣۔ پوءِ ڇا اها ڳالهہ ويجهي نہ آهي تہ جيڪڏهين توهان پنهنجي ڦيرائي ڇڏيو تہ (پوءِ بہ) زمين ۾ فساد ڪرڻ جو سبب ٿي وڃو. ۽ مائٽين کي ڇنو.

اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ لَعَنَهُمُ اللّٰهُ فَاَصَمَّهُمْ وَاَعْمٰٓى اَبْصَارَهُمْ ﴿٢٤﴾

٢٤۔ اهي ئي ماڻهو آهن جن تي الله لعنت ڪئي آهي ۽ انهن کي ٻوڙو ڪري ڇڏيو آهي ۽ انهن جي اکين جي بينائي ضايع ڪري ڇڏي آهي.

اَفَلَا يَتَدَبَّرُوْنَ الْقُرْاٰنَ اَمْ عَلٰى قُلُوْبٍ اَقْفَالُهَا ﴿٢٥﴾

٢٥۔ ڇا اهي قرآن تي غور نٿا ڪن. ڇا انهن جي دلين تي اهڙا ڪرف آهن جيڪي انهن جي

دلين جي نئي پيداوار آهن.

إِنَّ الَّذِينَ ارْتَدُّوا عَلٰٓى أَدْبَارِهِمْ مِّنْ بَعْدِ مَا تَبَيَّنَ لَهُمُ الْهُدَى ۙ الشَّيْطٰنُ سَوَّلَ لَهُمْ ۭ وَأَمْلٰى لَهُمْ ﴿٢٦﴾

٢٦. اهي ماڻهو جيڪي هدايت ظاهر ٿيڻ تي ڦري ويا ـ شيطان انهن کي انهن جو عمل سٺو ڪري ڏيکاريو آهي ۽ انهن کي (ڪوڙيون) اميدون ڏيکايون آهن.

ذٰلِكَ بِأَنَّهُمْ قَالُوا لِلَّذِينَ كَرِهُوا مَا نَزَّلَ اللّٰهُ سَنُطِيعُكُمْ فِي بَعْضِ الْأَمْرِ ۚ وَاللّٰهُ يَعْلَمُ إِسْرَارَهُمْ ﴿٢٧﴾

٢٧. اهو انهيءَ ڪري (ٿيو) آهي تہ هو انهن ماڻهن کي جيڪي خدائي تعليم کي نا پسنديدگيءَ جي نگاهہ سان ڏسي رهيا آهن چئي رهيا آهن تہ اسان توهانجي ڪن ڳالهين ۾ فرمانبرداري ڪنداسين ۽ الله انهن جي ڳجهين ڳالهين کي ڄاڻي ٿو.

فَكَيْفَ إِذَا تَوَفَّتْهُمُ الْمَلٰٓئِكَةُ يَضْرِبُونَ وُجُوهَهُمْ وَأَدْبَارَهُمْ ﴿٢٨﴾

٢٨. سو انهيءَ وقت ڪهڙو حال هوندو ـ جڏهين فرشتا انهن جو روح قبض ڪري رهيا هوندا (۽) انهن جي منهن ۽ انهن جي پٺيءَ تي ڪوڙا لڳائي رهيا هوندا.

ذٰلِكَ بِأَنَّهُمُ اتَّبَعُوا مَآ أَسْخَطَ اللّٰهَ وَكَرِهُوا رِضْوَانَهُ فَأَحْبَطَ أَعْمَالَهُمْ ﴿٢٩﴾ ع

٢٩. اهو انهيءَ ڪري هوندو جو جنهن ڳالهہ کي الله نا پسند ڪيو اهي انهي جي پٺيان هلي پيا ۽ خدا جي رضا (جي ڳولا) کي پسند نہ ڪيو سو خدا بہ انهن جا عمل ضايع ڪري ڇڏيا.

أَمْ حَسِبَ الَّذِينَ فِي قُلُوبِهِمْ مَّرَضٌ أَنْ لَّنْ يُّخْرِجَ اللّٰهُ أَضْغَانَهُمْ ﴿٣٠﴾

٣٠. ڇا اهي ماڻهو جن جي دلين ۾ بيماري آهي سمجهن ٿا تہ الله انهن جي دلين جي ڳجهين ڪينن کي ڪڏهين ظاهر نہ ڪندو.

وَلَوْ نَشَآءُ لَأَرَيْنٰكَهُمْ فَلَعَرَفْتَهُمْ بِسِيمٰهُمْ ۚ وَلَتَعْرِفَنَّهُمْ فِي لَحْنِ الْقَوْلِ ۚ وَاللّٰهُ يَعْلَمُ أَعْمَالَكُمْ ﴿٣١﴾

٣١. ۽ جيڪڏهين اسان چاهيون تہ انهن جو وجود توتي ظاهر ڪري ڇڏيون ۽ تون انهن کي انهن جي منهن مان سڃاڻي وٺين ۽ (هينئر بہ) تون انهن کي انهن جي ڳالهائڻ جي ڍنگ مان سڃاڻي وٺين ٿو ۽ الله توهانجي عملن کي ڄاڻي ٿو.

وَلَنَبْلُوَنَّكُمْ حَتّٰى نَعْلَمَ الْمُجٰهِدِينَ مِنْكُمْ وَ

٣٢. ۽ اسان توهانجي ضرور آزمائش ڪنداسين

الصّٰبِرِيْنَ ۙ وَنَبْلُوَاْ اَخْبَارَكُمْ ﴿٣١﴾

انهيءَ وقت تائين جو اسان توهان مان خدا جي راهہ ۾ جهاد ڪرڻ وارن ۽ صبر ڪرڻ وارن کي سڃاڻي وٺون ۽ اسان توهانجي اندروني حالت جي ضرور آزمائش ڪنداسين.

اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَصَدُّوْا عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَشَآقُّوا الرَّسُوْلَ مِنْۢ بَعْدِ مَا تَبَيَّنَ لَهُمُ الْهُدٰى ۙ لَنْ يَّضُرُّوا اللّٰهَ شَيْـًٔا ؕ وَسَيُحْبِطُ اَعْمَالَهُمْ ﴿٣٢﴾

٣٢. جن ماڻهن ڪفر ڪيو آهي ۽ الله جي رستي کان (ماڻهن کي) روڪين ٿا ۽ رسول کان هدايت جي ظاهر ٿي وڃڻ کانپوءِ اختلاف ڪن ٿا اهي ماڻهو الله کي ڪجهہ بہ نقصان نہ پهچائيندا بلڪ اهو (الله) انهن جي عملن کي ضايع ڪري ڇڏيندو.

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اَطِيْعُوا اللّٰهَ وَاَطِيْعُوا الرَّسُوْلَ وَلَا تُبْطِلُوْۤا اَعْمَالَكُمْ ﴿٣٣﴾

٣٣. اي ايمان وارا! الله ۽ انجي رسول جي فرمانبرداري ڪيو. ۽ پنهن جن عملن کي ضايع نہ ڪيو.

اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَصَدُّوْا عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ثُمَّ مَاتُوْا وَهُمْ كُفَّارٌ فَلَنْ يَّغْفِرَ اللّٰهُ لَهُمْ ﴿٣٤﴾

٣٤. يقينن جن ڪفر ڪيو آهي ۽ الله جي رستي کان ماڻهن کي روڪيو آهي پوءِ اهي انهيءَ حالت ۾ مري بہ ويا جو اهي ڪافرن مان هئا تہ الله انهن کي ڪڏهين بہ معاف نہ ڪندو.

فَلَا تَهِنُوْا وَتَدْعُوْۤا اِلَى السَّلْمِ ۖۗ وَاَنْتُمُ الْاَعْلَوْنَ ۖۗ وَاللّٰهُ مَعَكُمْ وَلَنْ يَّتِرَكُمْ اَعْمَالَكُمْ ﴿٣٥﴾

٣٥. پوءِ اي مومنو! سست نہ ٿيو جنهن جي نتيجي ۾ صلح ڏانهن سڏڻ شروع ڪيو نيٺ توهان ٿي غالب رهندو ۽ الله توهان سان آهي ۽ ڪڏهين بہ توهانجن عملن ۾ گهٽتائي اچڻ نہ ڏيندو.

اِنَّمَا الْحَيٰوةُ الدُّنْيَا لَعِبٌ وَّلَهْوٌ ؕ وَاِنْ تُؤْمِنُوْا وَتَتَّقُوْا يُؤْتِكُمْ اُجُوْرَكُمْ وَلَا يَسْـَٔلْكُمْ اَمْوَالَكُمْ ﴿٣٦﴾

٣٦. هي دنيا جي زندگي صرف هڪ کيل ۽ غفلت جو سامان آهي ۽ جيڪڏهين توهان ايمان آڻيو ۽ تقويٰ اختيار ڪيو تہ الله توهانجو اجر توهانکي ڏيندو ۽ اهو توهانجو مال توهان کان ڪونہ ٿو گهري.

اِنْ يَّسْـَٔلْكُمُوْهَا فَيُحْفِكُمْ تَبْخَلُوْا وَيُخْرِجْ

٣٧. جيڪڏهين اهو توهان جو مال توهان کان گهري ۽ (انهيءَ تي) توهان کان اصرار ڪري

اَضۡغَانَكُمۡ ﴿٣٨﴾

تہ توهان بخل کان ڪم وٺي سگهو ٿا، ۽ اهو ضرور توهانجو ڪينو توهانجن دلين مان ڪڍي ڇڏيندو.

هٰۤاَنۡتُمۡ هٰۤؤُلَآءِ تُدۡعَوۡنَ لِتُنۡفِقُوۡا فِیۡ سَبِيۡلِ اللّٰهِ ۚ فَمِنۡكُمۡ مَّنۡ يَّبۡخَلُ ۚ وَمَنۡ يَّبۡخَلۡ فَاِنَّمَا يَبۡخَلُ عَنۡ نَّفۡسِهٖ ؕ وَاللّٰهُ الۡغَنِیُّ وَاَنۡتُمُ الۡفُقَرَآءُ ۚ وَاِنۡ تَتَوَلَّوۡا يَسۡتَبۡدِلۡ قَوۡمًا غَيۡرَكُمۡ ۙ ثُمَّ لَا يَكُوۡنُوۡۤا اَمۡثَالَكُمۡ ﴿٣٩﴾ ع٤

٣٩- ٻڌو! توهان اهي ماڻهو آهيو جن کي انهيءَ لاءِ سڏيو وڃيٿو تہ توهان الله جي رستي ۾ خرچ ڪيو ۽ توهان مان ڪي اهڙا هوندا آهن جيڪي بخل کان ڪم وٺن ٿا ۽ جيڪو بہ بخل کان ڪم وٺي اهو پنهن جي جان ٺي متعلق بخل کان ڪم وٺي ٿو. نہ تہ الله بي نياز آهي ۽ توهان ٺي محتاج آهيو. ۽ جيڪڏهين توهان ڦري ويو تہ اهو توهانجي جاءِ تي هڪ ٻي قوم کي بدلائي وٺي ايندو ۽ اهي توهان وانگر (سستي ڪرڻ وارا) نہ هوندا.

# سُوْرَةُ الْفَتْحِ مَدَنِيَّةٌ وَّهِيَ مَعَ الْبَسْمَلَةِ ثَلٰثُوْنَ اٰيَةً وَّاَرْبَعَةُ رُكُوْعَاتٍ

سورت فتح - هي سورت مدني آهي ۽ بسم الله سميت هن جون ٽيهه آيتون ۽ چار رڪوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ①

١- (مان) الله جو نالو وٺي جيڪو بيحد ڪرم ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي (پڙهانٿو)

اِنَّا فَتَحْنَا لَكَ فَتْحًا مُّبِيْنًا ②

٢- اسان توکي هڪ ظاهر ظهور فتح بخشي آهي.

لِّيَغْفِرَ لَكَ اللّٰهُ مَا تَقَدَّمَ مِنْ ذَنْۢبِكَ وَمَا تَاَخَّرَ وَيُتِمَّ نِعْمَتَهٗ عَلَيْكَ وَيَهْدِيَكَ صِرَاطًا مُّسْتَقِيْمًا ③

٣- جنهن جو نتيجو اهو ٿيندو جو الله تنهن جي متعلق ڪيل اهي گناهه به جي ڪي پهرين گذري چڪا آهن ڍڪي ڇڏيندو ۽ جيڪي اڃا تائين ٿيا نه آهن (پر آئيندي ٿيڻ جو امڪان آهي) انهن کي به ڍڪي ڇڏيندو ۽ توتي پنهن جي نعمت پوري ڪندو ۽ توکي سڌو رستو ڏيکاريندو.

وَّيَنْصُرَكَ اللّٰهُ نَصْرًا عَزِيْزًا ④

٤- ۽ الله تنهن جي شاندار مدد ڪندو.

هُوَ الَّذِيْٓ اَنْزَلَ السَّكِيْنَةَ فِيْ قُلُوْبِ الْمُؤْمِنِيْنَ لِيَزْدَادُوْٓا اِيْمَانًا مَّعَ اِيْمَانِهِمْ ۭ وَلِلّٰهِ جُنُوْدُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۭ وَكَانَ اللّٰهُ عَلِيْمًا حَكِيْمًا ⑤

٥- اهو (خدا) ئي آهي جنهن مومن جي دلين تي آرام نازل ڪيو انهيءَ لاءِ ته جيڪو ايمان انهن کي پهرينءَ نصيب هو انهيءَ سان ٻيو ايمان به انهن کي حاصل ٿي وڃي ۽ الله جا آسمانن ۾ به لشڪر آهن ۽ زمين ۾ به ۽ الله وڏي علم وارو ۽ وڏي حڪمت وارو آهي.

لِّيُدْخِلَ الْمُؤْمِنِيْنَ وَالْمُؤْمِنٰتِ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا وَيُكَفِّرَ عَنْهُمْ سَيِّاٰتِهِمْ ۭ وَكَانَ ذٰلِكَ عِنْدَ اللّٰهِ فَوْزًا عَظِيْمًا ⑥

٦- (مومنن جو ايمان وڌائڻ) انهيءَ ڪري هوندو جو اهو (الله) مومن مردن ۽ مومن عورتن کي اهڙين جنتن ۾ داخل ڪري جن جي هيٺيان نهرون وهنديون هونديون.اهي انهيءَ ۾ هميشه رهندا ايندا ۽ انهيءَ لاءِ به ته اهو

(الله) انهن جا گناهه مٽائي ڇڏي ۽ الله وٽ اهائي وڏي ڪاميابي آهي.

وَّيُعَذِّبَ الْمُنٰفِقِيْنَ وَالْمُنٰفِقٰتِ وَالْمُشْرِكِيْنَ وَالْمُشْرِكٰتِ الظَّآنِّيْنَ بِاللّٰهِ ظَنَّ السَّوْءِ ۭ عَلَيْهِمْ دَاۗىِٕرَةُ السَّوْءِ ۚ وَغَضِبَ اللّٰهُ عَلَيْهِمْ وَلَعَنَهُمْ وَاَعَدَّ لَهُمْ جَهَنَّمَ ۭ وَسَاۗءَتْ مَصِيْرًا ٧

٧. ۽ انهيءَ لاءِ ته منافق مردن ۽ منافق عورتن ۽ مشرڪ مردن ۽ مشرڪ عورتن کي جيڪي الله تي بدگماني ڪرڻ وارا آهن عذاب ڏئي. مصيبت جو چڪر انهن تي ئي ايندو ۽ الله انهن تي غضب نازل ڪيو ۽ پنهن جي درگاهه مان انهن کي پري ڪري ڇڏيو آهي ۽ انهن جي لاءِ هن جهنم تيار ڪري رکيو آهي جيڪو ڏاڍو برو ٺڪاڻو آهي.

وَلِلّٰهِ جُنُوْدُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۭ وَكَانَ اللّٰهُ عَزِيْزًا حَكِيْمًا ٨

٨. ۽ آسمانن ۽ زمين جا لشڪر الله ئي جا آهن - ۽ الله وڏو غالب (۽) حڪمت وارو آهي.

اِنَّآ اَرْسَلْنٰكَ شَاهِدًا وَّمُبَشِّرًا وَّنَذِيْرًا ٩

٩. اسان توکي (پنهن جي صفتن جي لاءِ) شاهد ۽ (مومنن جي لاءِ) خوشخبري ڏيڻ وارو ۽ (ڪافرن جي لاءِ) هوشيار ڪرڻ وارو بنائي موڪليو آهي.

لِّتُؤْمِنُوْا بِاللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ وَتُعَزِّرُوْهُ وَتُوَقِّرُوْهُ ۭ وَتُسَبِّحُوْهُ بُكْرَةً وَّاَصِيْلًا ١٠

١٠. انهيءَ لاءِ ته توهان انهيءَ جي ذريعي الله ۽ انهيءَ جي رسول تي ايمان آڻيو ۽ انهيءَ جي مدد ڪيو ۽ انهيءَ جي عزت ڪيو. ۽ صبح ۽ شام انهيءَ جي تسبيح ڪيو.

اِنَّ الَّذِيْنَ يُبَايِعُوْنَكَ اِنَّمَا يُبَايِعُوْنَ اللّٰهَ ۭ يَدُ اللّٰهِ فَوْقَ اَيْدِيْهِمْ ۚ فَمَنْ نَّكَثَ فَاِنَّمَا يَنْكُثُ عَلٰي نَفْسِهٖ ۚ وَمَنْ اَوْفٰى بِمَا عٰهَدَ عَلَيْهُ اللّٰهَ فَسَيُؤْتِيْهِ اَجْرًا عَظِيْمًا ١١ ع

١١. اهي ماڻهو جيڪي تنهن جي بيعت ڪن ٿا اهي صرف الله جي بيعت ڪن ٿا. الله جو هٿ انهن جي هٿ تي آهي - پوءِ جيڪو به انهيءَ واعدي کي ٽوڙيندو ته انهيءَ جي ٽوڙڻ جي مصيبت انهيءَ جي جان تي پوندي ۽ جيڪو به انهيءَ واعدي کي جيڪو انهيءَ خدا سان ڪيو هو پورو ڪندو الله انهن کي انهيءَ جو تمام وڏو اجر ڏيندو.

سَيَقُوْلُ لَكَ الْمُخَلَّفُوْنَ مِنَ الْاَعْرَابِ شَغَلَتْنَآ

١٢. بدوين مان جيڪي پوئتي ڇڏيا ويا هئا

اَمْوَالُنَا وَاَهْلُوْنَا فَاسْتَغْفِرْ لَنَا ۚ يَقُوْلُوْنَ بِاَلْسِنَتِهِمْ مَّا لَيْسَ فِيْ قُلُوْبِهِمْ ۚ قُلْ فَمَنْ يَّمْلِكُ لَكُمْ مِّنَ اللّٰهِ شَيْـًٔا اِنْ اَرَادَ بِكُمْ ضَرًّا اَوْ اَرَادَ بِكُمْ نَفْعًا ۚ بَلْ كَانَ اللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ خَبِيْرًا ﴿١١﴾

ضرور چوندا تہ اسانجي مالن ۽ اسانجي اهل و عيال اسانکي مشغول ڪري رکيو (انهيءَ ڪري اسان انهيءَ سفر تي نہ وياسين) پوءِ تون اسان لاءِ استغفار ڪر. اهي پنهن جي زبان سان اها ڳالهہ چون ٿا جيڪا انهن جي دلين ۾ نہ آهي - تون چؤ جيڪڏهين الله توهان کي ڪو نقصان پهچائڻ چاهي يا توهانکي ڪو نفعو ڏيڻ چاهي تہ ڪهڙو وجود آهي جو انهيءَ جي خلاف توهانجي لاءِ ڪجهہ بہ ڪري سگهي ٿو؟ ائين هرگز ڪونهي بلڪ الله توهانجن عملن کان خبردار آهي.

بَلْ ظَنَنْتُمْ اَنْ لَّنْ يَّنْقَلِبَ الرَّسُوْلُ وَالْمُؤْمِنُوْنَ اِلٰٓى اَهْلِيْهِمْ اَبَدًا وَّزُيِّنَ ذٰلِكَ فِيْ قُلُوْبِكُمْ وَظَنَنْتُمْ ظَنَّ السَّوْءِ ۚ وَكُنْتُمْ قَوْمًا ۢ بُوْرًا ﴿١٢﴾

١٢ـ حقيقت اها آهي تہ توهان گمان ڪيو هو تہ رسول ۽ مومن ڪڏهين بہ پنهن جي اهل ۽ عيال ڏانهن سلامت موٽي نہ ايندا ۽ اها ڳالهہ توهانجي نظر ۾ خوبصورت ڏيکاري ويئي هئي (۽ توهان دل ۾ ڏاڍا خوش هئا) ۽ توهان (مومنن جي باري ۾ ۽ خدا جي باري ۾) برا گمان ڪندا هئا (حالانڪ مومن نہ) پر توهان خود تباهہ ٿي وڃڻ وارن ماڻهن ۾ شامل ٿي ويا هئا.

وَمَنْ لَّمْ يُؤْمِنْ بِاللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ فَاِنَّآ اَعْتَدْنَا لِلْكٰفِرِيْنَ سَعِيْرًا ﴿١٣﴾

١٤ـ ۽ جيڪو شخص الله ۽ انهيءَ جي رسول تي ايمان نٿو آڻي (اهو ياد رکي تہ) اسان ڪافرن جي لاءِ ڀڙڪندڙ عذاب مقدر ڪري ڇڏيو آهي.

وَلِلّٰهِ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۚ يَغْفِرُ لِمَنْ يَّشَآءُ وَيُعَذِّبُ مَنْ يَّشَآءُ ۚ وَكَانَ اللّٰهُ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا ﴿١٤﴾

١٥ـ ۽ آسمانن ۽ زمين جي بادشاهت الله جي ئي قبضي ۾ آهي جنهن کي چاهيٿو معاف ڪري ڇڏي ٿو ۽ جنهن کي چاهيٿو عذاب ڏئيٿو ۽ الله ڏاڍو معاف ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي.

سَيَقُوْلُ الْمُخَلَّفُوْنَ اِذَا انْطَلَقْتُمْ اِلٰى مَغَانِمَ لِتَاْخُذُوْهَا ذَرُوْنَا نَتَّبِعْكُمْ ۚ يُرِيْدُوْنَ اَنْ يُّبَدِّلُوْا كَلٰمَ اللّٰهِ ۭ قُلْ لَّنْ تَتَّبِعُوْنَا كَذٰلِكُمْ قَالَ اللّٰهُ مِنْ قَبْلُ ۚ فَسَيَقُوْلُوْنَ بَلْ تَحْسُدُوْنَنَا ۭ بَلْ كَانُوْا لَا يَفْقَهُوْنَ اِلَّا قَلِيْلًا ﴿١٦﴾

١٦- جڏهن توهان غنيمت جي مال کي جمع ڪرڻ جي لاءِ هلندا تہ پوئتي ڇڏيل ماڻهو چوندا تہ اسانکي اجازت ڏيو تہ اسان بہ توهانجي پٺيان هلون. اهي چاهيندا تہ الله جي فيصلي کي بدلائي ڇڏين. تون چؤ توهان هرگز اسانجي پٺيان نٿا اچي سگهو . اهوئي توهانجي متعلق فيصلو آهي جيڪو الله انهيءَ کان پهرينءَ ڏيئي ڇڪو آهي - انهيءَ تي اهي چوندا اصل ۾ توهان اسانتي حسد ڪيوٿا- پر حقيقت اها آهي جو اهي سمجهہ کان بلڪل ڪورا آهن.

قُلْ لِّلْمُخَلَّفِيْنَ مِنَ الْاَعْرَابِ سَتُدْعَوْنَ اِلٰى قَوْمٍ اُولِيْ بَاْسٍ شَدِيْدٍ تُقَاتِلُوْنَهُمْ اَوْ يُسْلِمُوْنَ ۚ فَاِنْ تُطِيْعُوْا يُؤْتِكُمُ اللّٰهُ اَجْرًا حَسَنًا ۚ وَاِنْ تَتَوَلَّوْا كَمَا تَوَلَّيْتُمْ مِّنْ قَبْلُ يُعَذِّبْكُمْ عَذَابًا اَلِيْمًا ﴿١٧﴾

١٧- بدوين مان جيڪي ماڻهو پوئتي ڇڏيا ويا آهن تون انهن کي چؤ تہ ضرور هڪ اهڙي قوم سان جنگ ڪرڻ لاءِ ڪوٺايا ويندؤ جيڪا جنگ جي فن ۾ ڏاڍي ماهر آهي توهان انهن سان ايستائين جنگ ڪندؤ جو اهي مسلمان ٿي وڃن - پوءِ جيڪڏهين توهان (انهيءَ وقت خدا جو آواز) مڃيندؤ تہ الله توهانکي تمام سٺو اجر ڏيندو ۽ جيڪڏهين توهان (حڪم کان) منهن موڙيندؤ جهڙيءَ طرح هن کان پهرين (منهن موڙيو) هو تہ الله توهانکي دردناڪ عذاب ڏيندو.

لَيْسَ عَلَى الْاَعْمٰى حَرَجٌ وَّلَا عَلَى الْاَعْرَجِ حَرَجٌ وَّلَا عَلَى الْمَرِيْضِ حَرَجٌ ۭ وَمَنْ يُّطِعِ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ يُدْخِلْهُ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ ۚ وَمَنْ يَّتَوَلَّ يُعَذِّبْهُ عَذَابًا اَلِيْمًا ﴿١٨﴾ ع

١٨- نہ تہ ڪنهن انڌي تي سختي آهي ۽ نہ لنگڙي تي سختي آهي ۽ نہ مريض تي سختي آهي (جو اهي باوجود معذوريءَ جي لڙائي ۾ شامل ٿين) ۽ جيڪو الله ۽ انجي رسول جي فرمانبرداري ڪري تہ انهيءَ کي اهڙين جنتن ۾ داخل ڪندو جنهن جي هيٺيان نهرون وهن ٿيون ۽ جيڪو (حڪم کان) منهن موڙيندو الله انهيءَ کي دردناڪ عذاب ڏيندو.

لَقَدْ رَضِيَ اللّٰهُ عَنِ الْمُؤْمِنِيْنَ اِذْ يُبَايِعُوْنَكَ تَحْتَ الشَّجَرَةِ فَعَلِمَ مَا فِيْ قُلُوْبِهِمْ فَاَنْزَلَ السَّكِيْنَةَ عَلَيْهِمْ وَاَثَابَهُمْ فَتْحًا قَرِيْبًا ﴿١٩﴾

١٩. الله مومنن کان انهيءَ وقت بلڪل خوش ٿي ويو جڏهين اهي وڻ جي هيٺان تنهن جي بيعت ڪري رهيا هئا ۽ هن انهيءَ (ايمان) کي جيڪو انهن جي دلين ۾ هو چڱيءَ طرح ڄاڻي ورتو سو انهيءَ جي نتيجي ۾ هن انهن جي دلين تي آرام نازل ڪيو ۽ انهن کي هڪ ويجهڙائي ۾ اچڻ واري فتح بخشي.

وَّمَغَانِمَ كَثِيْرَةً يَّاْخُذُوْنَهَا ۭ وَكَانَ اللّٰهُ عَزِيْزًا حَكِيْمًا ﴿٢٠﴾

٢٠. ۽ ڪيترونئي غنيمت جو مال بہ بخشيو جنهن کي اهي قبضي ۾ آڻي رهيا هئا ۽ الله غالب (۽) حڪمت وارو آهي.

وَعَدَكُمُ اللّٰهُ مَغَانِمَ كَثِيْرَةً تَاْخُذُوْنَهَا فَعَجَّلَ لَكُمْ هٰذِهٖ وَكَفَّ اَيْدِيَ النَّاسِ عَنْكُمْ ۚ وَلِتَكُوْنَ اٰيَةً لِّلْمُؤْمِنِيْنَ وَيَهْدِيَكُمْ صِرَاطًا مُّسْتَقِيْمًا ﴿٢١﴾

٢١. الله توهان سان ڪيترين ئي غنيمتن جو واعدو ڪيو آهي جيڪي توهان پنهن جي قبضي ۾ آڻيندؤ ۽ اهو موجوده غنيمت جو مال توهانکي انهن واعدن مان جلدي عطا ڪري ڇڏيو آهي - ۽ ماڻهن جي هٿن کي توهان کان روڪي ڇڏيو آهي انهيءَ لاءِ تہ اهي (واقعا) مومنن جي لاءِ هڪ نشان بنجي وڃن ۽ اهو (الله) توهانکي انهيءَ جي ذريعي سڌو رستو ڏيکاري.

وَّاُخْرٰى لَمْ تَقْدِرُوْا عَلَيْهَا قَدْ اَحَاطَ اللّٰهُ بِهَا ۭ وَكَانَ اللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرًا ﴿٢٢﴾

٢٢. ۽ (انهيءَ ڪانسواءِ) هڪ ٻي بہ (فتح) آهي جيڪا توهانکي اڃا تائين حاصل نہ ٿي آهي - الله انهيءَ جو فيصلو ڪري ڇڏيو آهي ۽ الله پنهن جي ارادي کي پورو ڪرڻ تي پوري طرح قادر آهي.

وَلَوْ قٰتَلَكُمُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَوَلَّوُا الْاَدْبَارَ ثُمَّ لَا يَجِدُوْنَ وَلِيًّا وَّلَا نَصِيْرًا ﴿٢٣﴾

٢٣. ۽ جيڪڏهين ڪافر (صلح حديبيہ جي وقت) توهان سان وڙهن ها تہ اهي انهيءَ وقت پٺي ڦيرائي ڀڄي وڃن ها ۽ نہ ڪو پناهہ ڏيڻ وارو پائين ها نہ مددگار (پائين ها).

سُنَّةَ اللّٰهِ الَّتِيْ قَدْ خَلَتْ مِنْ قَبْلُ ښ وَلَنْ تَجِدَ

٢٤. الله جي انهيءَ سنت کي ياد رکو جيڪا

لِسُنَّةِ اللّٰهِ تَبۡدِيۡلًا ﴿٢٤﴾

هميشه کان هلي آئي آهي ۽ تون ڪڏهين بہ الله جي مقرر ڪيل طريقي ۾ ڪا تبديلي نہ ڏسندين.

وَهُوَ الَّذِيۡ كَفَّ اَيۡدِيَهُمۡ عَنۡكُمۡ وَاَيۡدِيَكُمۡ عَنۡهُمۡ بِبَطۡنِ مَكَّةَ مِنۡۢ بَعۡدِ اَنۡ اَظۡفَرَكُمۡ عَلَيۡهِمۡ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ بِمَا تَعۡمَلُوۡنَ بَصِيۡرًا ﴿٢٥﴾

٢٥- ۽ اهو خدائي آهي جنهن انهن جي هٿن کي توهان کان ۽ توهانجن هٿن کي انهن کان مڪي جي واديءَ ۾ روڪي ڇڏيو. انهيءَ کانپوءِ جو توهان (حالتن جي مطابق) انهن تي فتح پائي چڪا هئا ۽ الله توهانجن عملن کي ڏسي رهيو هو (۽ ڄاڻائين ٿي تہ توهان وڙهڻ کان ڇا نٿا ڊڄو)

هُمُ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا وَصَدُّوۡكُمۡ عَنِ الۡمَسۡجِدِ الۡحَرَامِ وَالۡهَدۡىَ مَعۡكُوۡفًا اَنۡ يَّبۡلُغَ مَحِلَّهٗ ؕ وَلَوۡلَا رِجَالٌ مُّؤۡمِنُوۡنَ وَنِسَآءٌ مُّؤۡمِنٰتٌ لَّمۡ تَعۡلَمُوۡهُمۡ اَنۡ تَطَـُٔوۡهُمۡ فَتُصِيۡبَكُمۡ مِّنۡهُمۡ مَّعَرَّةٌ ۢ بِغَيۡرِ عِلۡمٍ ۚ لِيُدۡخِلَ اللّٰهُ فِىۡ رَحۡمَتِهٖ مَنۡ يَّشَآءُ ۚ لَوۡ تَزَيَّلُوۡا لَعَذَّبۡنَا الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا مِنۡهُمۡ عَذَابًا اَلِيۡمًا ﴿٢٦﴾

٢٦- اهي (توهانجا دشمن) ئي هئا جن ڪفر ڪيو ۽ توهانکي مسجد حرام (جي زيارت) کان روڪيو ۽ اهڙيءَ طرح قربانين کان جيڪي (مڪي جيلاءِ) وقف ٿي چڪيون هيون (انهيءَ ڳالهہ کان روڪي ڇڏيو تہ) اهي پنهن جي منزل مقصود تائين پهچي سگهن ۽ جيڪڏهين (مڪي ۾) ڪجهہ مومن مرد اهڙا نہ هجن ها ۽ ڪجهہ مومن عورتون اهڙيون نہ هجن ها جن کي توهان نہ ڄاڻندا هئا ۽ اهو خطرو نہ هجي ها تہ توهان انهن کي نہ ڄاڻي ڪري پيرن جي هيٺان لتاڙي ويندا ۽ انهيءَ جي نتيجي ۾ توهان تي عيب لڳايو ويندو (تہ اسان توهانکي وڙهڻ ڏيون ها پر خدا روڪي رکيو) انهيءَ لاءِ تہ الله جنهن کي پسند ڪريٿو انهيءَ کي پنهن جي رحمت ۾ داخل ڪري جيڪڏهين (الکل مومن) ڪٽي هيڏانهن هوڏانهن ٿي وڃن ها تہ انهن (مڪي جي رهڻ وارن) مان جيڪي ڪافر هئا اسان انهن کي دردناڪ عذاب پهچايون ها

إِذْ جَعَلَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا فِيْ قُلُوْبِهِمُ الْحَمِيَّةَ حَمِيَّةَ
الْجَاهِلِيَّةِ فَأَنْزَلَ اللّٰهُ سَكِيْنَتَهٗ عَلٰى رَسُوْلِهٖ وَ
عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ وَ اَلْزَمَهُمْ كَلِمَةَ التَّقْوٰى وَكَانُوْآ
اَحَقَّ بِهَا وَ اَهْلَهَا ؕ وَكَانَ اللّٰهُ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمًا ﴿٢٦﴾ ع

٢٦ـ انهيءَ وقت کي ياد ڪيو جڏهن ڪافرن پنهن جي دلين ۾ اهڙو طرف داريءَ جو روح ڦوڪيو جيڪو جاهليت جي طرف داريءَ جو روح هو ـ انهيءَ تي الله پنهن جي طرفان نازل ٿيڻ وارو آرام پنهن جي رسول جي دل تي ۽ مومنن جي دل تي لاٿو ۽ تقويٰ جي طريقي تي انهن جي قدم کي مضبوط ڪري ڇڏيو ـ ۽ اهي ئي انهيءَ جا وڌيڪ مستحق هئا ۽ انهيءَ جا لائق هئا ۽ الله هر هڪ شيءِ کي ڄاڻي ٿو.

لَقَدْ صَدَقَ اللّٰهُ رَسُوْلَهُ الرُّءْيَا بِالْحَقِّ ۚ لَتَدْخُلُنَّ
الْمَسْجِدَ الْحَرَامَ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ اٰمِنِيْنَ ۙ مُحَلِّقِيْنَ
رُءُوْسَكُمْ وَ مُقَصِّرِيْنَ ۙ لَا تَخَافُوْنَ ؕ فَعَلِمَ مَا لَمْ
تَعْلَمُوْا فَجَعَلَ مِنْ دُوْنِ ذٰلِكَ فَتْحًا قَرِيْبًا ﴿٢٧﴾

٢٨ـ الله پنهن جي رسول کي انهيءَ رويا جو مضمون پوريءَ طرح سچو ڪري ڏيکاريو جنهن ۾ اهو بيان هو تہ توهان مسجد حرام ۾ جيڪڏهن خدا چاهيو تہ امن سان ضرور داخل ٿيندؤ (۽) پنهنجا مٿا پوريءَ طرح ڪوڙايل يا ننڍا وار ڪرايل هوندؤ ڪنهن ڪان نہ ڊڄندا هوندؤ سو الله اهو ڪجهہ ڄاڻي ورتو جيڪي توهان نہ ڄاڻندا هئا ۽ انهيءَ انهي جي ويجهو هڪ ٻي فتح رکي ڇڏي آهي.

هُوَ الَّذِيْٓ اَرْسَلَ رَسُوْلَهٗ بِالْهُدٰى وَدِيْنِ الْحَقِّ
لِيُظْهِرَهٗ عَلَى الدِّيْنِ كُلِّهٖ ؕ وَكَفٰى بِاللّٰهِ شَهِيْدًا ﴿٢٨﴾

٢٩ـ اهو خدا ئي آهي جنهن پنهن جي رسول کي هدايت ۽ حق واري دين سان موڪليو آهي انهيءَ لاءِ تہ سڀني دينن کي انهيءَ کي غالب ڪري ڇڏي ۽ الله ئي ڪافي شاهد آهي.

مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ ؕ وَالَّذِيْنَ مَعَهٗٓ اَشِدَّآءُ عَلَى الْكُفَّارِ
رُحَمَآءُ بَيْنَهُمْ تَرٰىهُمْ رُكَّعًا سُجَّدًا يَّبْتَغُوْنَ فَضْلًا
مِّنَ اللّٰهِ وَ رِضْوَانًا ۫ سِيْمَاهُمْ فِيْ وُجُوْهِهِمْ مِّنْ
اَثَرِ السُّجُوْدِ ؕ ذٰلِكَ مَثَلُهُمْ فِي التَّوْرٰىةِ ۖۛ وَمَثَلُهُمْ
فِي الْاِنْجِيْلِ ۚۛ كَزَرْعٍ اَخْرَجَ شَطْئَهٗ فَاٰزَرَهٗ فَاسْتَغْلَظَ

معانقة ١٥ عند المتأخرين

٣٠ـ محمد الله جو رسول آهي ۽ جيڪي ساڻس انهيءَ سان آهن اهي ڪافرن جي مقابلي ۾ ڏاڍو جوش رکن ٿا. پر پاڻ ۾ هڪ ٻئي سان ڏاڍو ڀلائي ڪرڻ وارا آهن جڏهين تون انهن کي ڏسندين. انهن کي شرڪ کان پاڪ ۽ الله جو تابعدار پائيندين.اهي الله جي فضل ۽ رضا جي تلاش ۾ رهن ٿا. انهن جي

فَاسْتَوٰى عَلٰى سُوْقِهٖ يُعْجِبُ الزُّرَّاعَ لِيَغِيْظَ بِهِمُ
الْكُفَّارَ ؕ وَعَدَ اللّٰهُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ
مِنْهُمْ مَّغْفِرَةً وَّاَجْرًا عَظِيْمًا ﴿٢٩﴾

سجائپ انهن جي منهن تي سجدن جي نشانن جي ذريعي موجود آهي. سندن هيءَ حالت تورات ۾ بيان ٿيل آهي تہ انجيل ۾ انهن جي حالت هئين بيان آهي تہ اهي هڪ پوک وانگر (هوندا) جنهن پهرين تہ پنهن جو اوڙ ڪڍيو - پوءِ انهيءَ کي (آسماني ۽ زميني خوراڪ جي ذريعي) مضبوط ڪيو ۽ اهو اوڙ وڏيڪ مضبوط ٿي ويو - پوءِ پنهن جي پاڙ تي مضبوطيءَ سان قائم ٿي ويو ايتري قدر جو زميندار کي پسند اچڻ لڳو - انهيءَ جو نتيجو اهو نڪرندو جو ڪافر انهن کي ڏسي جلندا. الله مومنن ۽ ايمان جي مطابق عمل ڪرڻ وارن سان اهو واعدو ڪيو آهي تہ انهن کي مغفرت ۽ وڏو اجر ملندو.

سُوْرَةُ الْحُجُرٰتِ مَدَنِيَّةٌ وَّهِيَ مَعَ الْبَسْمَلَةِ تِسْعَ عَشْرَةَ اٰيَةً وَّرُكُوْعَانِ

سورت حجرات - هي سورت مدني آهي ۽ بسم الله سميت هن جون اڻويهہ آيتون ۽ ٻہ رڪوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ①

١- (مان) الله جو نالو وٺي جيڪو بيحد ڪرم ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي (پڙهانٿو)

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تُقَدِّمُوْا بَيْنَ يَدَيِ اللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ وَاتَّقُوا اللّٰهَ ۭ اِنَّ اللّٰهَ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ②

٢- اي مومنو! الله ۽ انجي رسول جي سامهون وڌي وڌي ڳالهيون نہ ڪندا ڪيو - ۽ الله جي تقويٰ اختيار ڪيو الله ڏاڍو ٻڌڻ وارو (۽) ڄاڻڻ وارو آهي.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَرْفَعُوْٓا اَصْوَاتَكُمْ فَوْقَ صَوْتِ النَّبِيِّ وَلَا تَجْهَرُوْا لَهٗ بِالْقَوْلِ كَجَهْرِ بَعْضِكُمْ لِبَعْضٍ اَنْ تَحْبَطَ اَعْمَالُكُمْ وَاَنْتُمْ لَا تَشْعُرُوْنَ ③

٣- اي مومنو! نبيءَ جي آواز کان پنهن جو آواز ڏاڍيان نہ ڪندا ڪيو - ۽ نہ اوچي آواز سان انهيءَ جي سامهون اهڙيءَ طرح ڳالهائيندا ڪيو جهڙيءَ طرح توهان پاڻ ۾ هڪ ٻئي جي اڳيان ڏاڍيان ڳالهايو ٿا. ائين نہ ٿئي جو اوهانجا عمل ضايع ٿي وڃن ۽ توهان ڄاڻندا نہ هجو.

اِنَّ الَّذِيْنَ يَغُضُّوْنَ اَصْوَاتَهُمْ عِنْدَ رَسُوْلِ اللّٰهِ اُولٰۗىِٕكَ الَّذِيْنَ امْتَحَنَ اللّٰهُ قُلُوْبَهُمْ لِلتَّقْوٰى ۭ لَهُمْ مَّغْفِرَةٌ وَّاَجْرٌ عَظِيْمٌ ④

٤- اهي ماڻهو جيڪي پنهن جي آوازن کي رسول جي سامهون جهڪو رکن ٿا, اهي ئي آهن جن جي دلين جو الله تقويٰ جي لاءِ پوريءَ طرح جائزو وٺي چڪيو آهي ۽ انهن جي لاءِ بخشش ۽ وڏو اجر مقدر آهي.

اِنَّ الَّذِيْنَ يُنَادُوْنَكَ مِنْ وَّرَاۗءِ الْحُجُرٰتِ اَكْثَرُهُمْ لَا يَعْقِلُوْنَ ⑤

٥- اهي ماڻهو جيڪي ڪمرن جي پٺين پنيان توکي سڏين ٿا انهن مان اڪثر بيوقوف آهن.

وَلَوْ اَنَّهُمْ صَبَرُوْا حَتّٰى تَخْرُجَ اِلَيْهِمْ لَكَانَ خَيْرًا لَّهُمْ ۭ وَاللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ⑥

٦- جيڪڏهين اهي انهيءَ وقت تائين انتظار ڪن ها جو تون انهن وٽ نڪري ٻاهر اچين ها تہ اهو انهن جي لاءِ بهتر ٿئي ها ۽ الله

ڏاڍو بخشڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِنْ جَآءَكُمْ فَاسِقٌۢ بِنَبَاٍ فَتَبَيَّنُوْٓا اَنْ تُصِيْبُوْا قَوْمًۢا بِجَهَالَةٍ فَتُصْبِحُوْا عَلٰى مَا فَعَلْتُمْ نٰدِمِيْنَ ⑥

٧ـ اي مومنو! جيڪڏهين توهان وٽ ڪو فاسق ڪا بہ اهم خبر آڻي تہ انهيءَ جي جاچ پڙتال ڪندا ڪيو ـ ائين نہ ٿئي جو توهان نا واقفيءَ سان ڪنهن قوم تي حملو ڪري ڏيو ۽ پوءِ پنهن جي ڪئي تي شرمندا ٿي پئو.

وَاعْلَمُوْٓا اَنَّ فِيْكُمْ رَسُوْلَ اللّٰهِ ۭ لَوْ يُطِيْعُكُمْ فِيْ كَثِيْرٍ مِّنَ الْاَمْرِ لَعَنِتُّمْ وَلٰكِنَّ اللّٰهَ حَبَّبَ اِلَيْكُمُ الْاِيْمَانَ وَزَيَّنَهٗ فِيْ قُلُوْبِكُمْ وَكَرَّهَ اِلَيْكُمُ الْكُفْرَ وَالْفُسُوْقَ وَالْعِصْيَانَ ۭ اُولٰۗىِٕكَ هُمُ الرّٰشِدُوْنَ ⑧

٨ـ ۽ ڄاڻو تہ هن وقت الله جو رسول توهان ۾ موجود آهي، جيڪڏهين اڪثر ڪمن ۾ اهو توهانجي ڳالهہ مڃيندو ڪري تہ توهان تڪليف ۾ پئجي وڃو ـ پر الله توهانجي نگاهہ ۾ ايمان کي پيارو بڻايو آهي ۽ توهانجي دلين ۾ انهيءَ کي خوبصورت ڪري ڏيکاريو آهي ۽ توهانجي نگاهہ ۾ ڪفر ۽ فرمانبرداري مان نڪري وڃڻ ۽ نافرماني ڪرڻ کي ناپسند ڪري ڏيکاريو آهي (جيڪي ماڻهو هن آيت جي تصديق ڪرڻ وارا آهن) اهي ئي ماڻهو سڌي رستي تي آهن.

فَضْلًا مِّنَ اللّٰهِ وَنِعْمَةً ۭ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌ حَكِيْمٌ ⑨

٩ـ (اهو صرف) الله جي فضل ۽ نعمت جي ڪري آهي ۽ الله چڱيءَ طرح ڄاڻڻ وارو (۽) حڪمت وارو آهي.

وَاِنْ طَاۗىِٕفَتٰنِ مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ اقْتَتَلُوْا فَاَصْلِحُوْا بَيْنَهُمَا ۚ فَاِنْۢ بَغَتْ اِحْدٰىهُمَا عَلَي الْاُخْرٰى فَقَاتِلُوا الَّتِيْ تَبْغِيْ حَتّٰى تَفِيْۗءَ اِلٰٓى اَمْرِ اللّٰهِ ۚ فَاِنْ فَاۗءَتْ فَاَصْلِحُوْا بَيْنَهُمَا بِالْعَدْلِ وَاَقْسِطُوْا ۭ اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ الْمُقْسِطِيْنَ ⑩

١٠ـ ۽ جيڪڏهين مومنن جا بہ گروهہ پاڻ ۾ وڙهي پون تہ انهن ٻنهي ۾ صلح ڪرائي ڇڏيو ۽ پوءِ جيڪڏهين صلح ٿي وڃڻ کانپوءِ انهن مان ڪو ٻئي تي چڙهائي ڪري تہ سڀئي گڏجي انهيءَ چڙهائي ڪرڻ واري جي خلاف جنگ ڪيو. ايستائين جو اهو الله جي حڪم ڏانهن موٽي اچي پوءِ جيڪڏهين اهو الله جي حڪم ڏانهن موٽي اچي تہ عدل سان

انهن (ڀنهي وڙهڻ وارن) ۾ صلح ڪرائي ڇڏيو ۽ انصاف کي مدنظر رکو الله انصاف ڪرڻ وارن کي پسند ڪريٿو.

إِنَّمَا الْمُؤْمِنُونَ إِخْوَةٌ فَأَصْلِحُوا بَيْنَ أَخَوَيْكُمْ وَاتَّقُوا اللَّهَ لَعَلَّكُمْ تُرْحَمُونَ ﴿١١﴾

١١. مومنن جو ناتو پاڻ ۾ صرف ڀائرن وارو آهي پوءِ توهان ڀنهن جن ڀن ڀائرن جي وچ ۾ جيڪي پاڻ ۾ وڙهندا هجن صلح ڪرائي ڇڏيندا ڪيو ۽ الله جي تقويٰ اختيار ڪيو انهيءَ لاءِ تہ توهانتي رحم ڪيو وڃي.

يَا أَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا لَا يَسْخَرْ قَوْمٌ مِّن قَوْمٍ عَسَىٰ أَن يَكُونُوا خَيْرًا مِّنْهُمْ وَلَا نِسَاءٌ مِّن نِّسَاءٍ عَسَىٰ أَن يَكُنَّ خَيْرًا مِّنْهُنَّ وَلَا تَلْمِزُوا أَنفُسَكُمْ وَلَا تَنَابَزُوا بِالْأَلْقَابِ بِئْسَ الِاسْمُ الْفُسُوقُ بَعْدَ الْإِيمَانِ وَمَن لَّمْ يَتُبْ فَأُولَٰئِكَ هُمُ الظَّالِمُونَ ﴿١٢﴾

١٢. اي مومنو! ڪابہ قوم ڪنهن قوم کي پاڻ کان گهٽ سمجهي انهيءَ تي ٺٺولي نہ ڪندي ڪري، ممڪن آهي تہ اها انهيءَ کان سٺي هجي ۽ نہ (ڪنهن قوم جون) عورتون ٻي (قوم جي) عورتن کي گهٽ سمجهي انهن تي کل مسخري ڪن - ممڪن آهي جو اهي (ٻي قوم يا حالتن واريون) عورتون انهن کان بهتر هجن ۽ نہ توهان هڪ ٻئي کي طعنا ڏيو ۽ نہ هڪ ٻئي کي خراب نالن سان ياد ڪندا ڪيو، ڇاڪاڻ تہ ايمان کانپوءِ فرمانبرداريءَ کان نڪري وڃڻ هڪ تمام بري نالي جو مستحق بنائي ڇڏيٿو (يعني فاسق جو) ۽ جيڪو بہ توبهہ نہ ڪري اهو ظالم هوندو.

يَا أَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا اجْتَنِبُوا كَثِيرًا مِّنَ الظَّنِّ إِنَّ بَعْضَ الظَّنِّ إِثْمٌ وَلَا تَجَسَّسُوا وَلَا يَغْتَب بَّعْضُكُم بَعْضًا أَيُحِبُّ أَحَدُكُمْ أَن يَأْكُلَ لَحْمَ أَخِيهِ مَيْتًا فَكَرِهْتُمُوهُ وَاتَّقُوا اللَّهَ إِنَّ اللَّهَ تَوَّابٌ رَّحِيمٌ ﴿١٣﴾

١٣. اي ايمان وارؤ! گهڻن گمانن کان بچندا رهو، ڇو جو ڪي گمان گناهہ بنجي ويندا آهن ۽ جاچوسيءَ کان ڪم نہ وٺندا ڪيو ۽ توهان مان ڪي بہ ڪنهن جي گلا نہ ڪندا ڪن ڇا توهان مان ڪوبہ ڀنهن جي مئل ڀاءُ جو گوشت کائڻ پسند ڪندو (جيڪڏهين توهان ڏانهن اها ڳالهہ منسوب ڪئي وڃي تہ) تہ توهان انهيءَ کي نا پسند ڪندؤ ۽

الله جي تقويٰ اختيار ڪيو, الله گھڻو توبھ قبول ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آھي.

يٰٓاَيُّهَا النَّاسُ اِنَّا خَلَقْنٰكُمْ مِّنْ ذَكَرٍ وَّ اُنْثٰى وَجَعَلْنٰكُمْ شُعُوْبًا وَّقَبَآىِٕلَ لِتَعَارَفُوْا ؕ اِنَّ اَكْرَمَكُمْ عِنْدَ اللّٰهِ اَتْقٰىكُمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَلِيْمٌ خَبِيْرٌ ﴿١٣﴾

١٤- اي انسانو! اسان توھانکي مرد ۽ عورت پيدا ڪيو آھي ۽ توھانکي ڪيترن ئي گروھن ۽ قبيلن ۾ ورھائي ڇڏيو آھي انھيءَ لاءِ تہ توھان ھڪ ٻئي کي سڃاڻو الله وٽ توھان مان وڏيڪ معزز اھو آھي جيڪو سڀني کان وڏيڪ متقي آھي الله يقينن ڏاڍو علم رکڻ وارو (۽) گھڻي خبر رکڻ وارو آھي.

قَالَتِ الْاَعْرَابُ اٰمَنَّا ؕ قُلْ لَّمْ تُؤْمِنُوْا وَلٰكِنْ قُوْلُوْٓا اَسْلَمْنَا وَلَمَّا يَدْخُلِ الْاِيْمَانُ فِيْ قُلُوْبِكُمْ ؕ وَاِنْ تُطِيْعُوا اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ لَا يَلِتْكُمْ مِّنْ اَعْمَالِكُمْ شَيْـًٔا ؕ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿١٤﴾

١٥- بدوي چون ٿا تہ اسان ايمان آندو آھي تون انھن کي چئُ تہ توھان حقيقتن ايمان نہ آندو آھي پر توھان اھو چوندا ڪيو تہ اسان ظاھري طور تي فرمانبرداري قبول ڪئي . جو جو (اي بدوي) اڃا ايمان توھانجي دلين ۾ حقيقتن داخل نہ ٿيو آھي ۽ اي مومنو! جيڪڏھين توھان الله ۽ انھيءَ جي رسول جي سچي اطاعت ڪندؤ تہ اھو توھانجن عملن مان ڪوبہ عمل ضايع ٿيڻ نہ ڏيندو الله ڏاڍو بخشڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آھي.

اِنَّمَا الْمُؤْمِنُوْنَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا بِاللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ ثُمَّ لَمْ يَرْتَابُوْا وَجٰهَدُوْا بِاَمْوَالِهِمْ وَاَنْفُسِهِمْ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ؕ اُولٰٓىِٕكَ هُمُ الصّٰدِقُوْنَ ﴿١٥﴾

١٦- مومن اھي ئي ھوندا آھن جيڪي الله ۽ انھيءَ جي رسول تي ايمان آڻيندا آھن - پوءِ شڪ ۾ مبتلا نہ ٿيندا آھن ۽ پنھن جي مالن ۽ پنھن جي جانين جي ذريعي الله جي واٽ ۾ جھاد ڪندا آھن اھي ئي ماڻھو سچا آھن .

قُلْ اَتُعَلِّمُوْنَ اللّٰهَ بِدِيْنِكُمْ ؕ وَاللّٰهُ يَعْلَمُ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ ؕ وَاللّٰهُ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمٌ ﴿١٦﴾

١٧- تون چئُ ڇا توھان الله کي پنھن جي دين کان واقف ڪيو ٿا ۽ الله تہ انھيءَ کي بہ ڄاڻي ٿو جيڪو آسمانن ۾ آھي ۽ جيڪي زمين ۾ آھي ۽ الله (انھيءَ ڪانسواءِ بہ) ھر

هڪ شيءِ کي ڄاڻي ٿو.

يَمُنُّوْنَ عَلَيْكَ اَنْ اَسْلَمُوْا ۭ قُلْ لَّا تَمُنُّوْا عَلَيَّ اِسْلَامَكُمْ ۚ بَلِ اللّٰهُ يَمُنُّ عَلَيْكُمْ اَنْ هَدٰىكُمْ لِلْاِيْمَانِ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ⑰

١٨- اهي (بدوي) پنهنجي اسلام آڻڻ جو توتي احسان جتائين ٿا تون چؤ پنهنجي اسلام آڻڻ جو احسان مونتي نه ڪيو - حقيقت هيءَ آهي ته الله توهانکي ايمان ڏانهن هدايت ڏيڻ جو توهانتي احسان ڪيو آهي جيڪڏهين توهان (انهيءَ دعويٰ ۾) سچا آهيو (جي ايمان آندو اٿوَ ته انهيءَ حقيقت کي قبول ڪيو).

اِنَّ اللّٰهَ يَعْلَمُ غَيْبَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۭ وَاللّٰهُ بَصِيْرٌۢ بِمَا تَعْمَلُوْنَ ⑱

١٩- الله آسمانن جو غيب به ڄاڻي ٿو ۽ زمين جو به - ۽ الله توهانجن عملن کي چڱيءَ طرح ڏسي رهيو آهي.

ع ٢
١٤

سُوْرَةُ قٓ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ مَعَ الْبَسْمَلَةِ سِتٌّ وَّ اَرْبَعُوْنَ اٰيَةً وَّثَلٰثَةُ رُكُوْعَاتٍ

سورت ق ـ هي سورت مڪي آهي ۽ بسم الله سميت هن جون ڇائيتاليهه آيتون ۽ ٽي رڪوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ①

١ـ (مان) الله جو نالو وٺي جيڪو بيحد ڪرم ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي (پڙهانٿو)

قٓ ۚ وَالْقُرْاٰنِ الْمَجِيْدِ ②

٢ـ ق (يعني قادر خدا هن سورت ڪي نازل ڪرڻ وارو آهي) اسان انهيءَ بزرگي واري قرآن کي (هن سورت جي سچائي جي) شاهديءَ طور پيش ڪيون ٿا.

بَلْ عَجِبُوْٓا اَنْ جَآءَهُمْ مُّنْذِرٌ مِّنْهُمْ فَقَالَ الْكٰفِرُوْنَ هٰذَا شَيْءٌ عَجِيْبٌ ③

٣ـ پر اهي ماڻهو تعجب ڪن ٿا تہ انهن وٽ انهن مان ٿي ڊيڄارڻ (۽ هوشيار ڪرڻ) وارو هڪ شخص آيو آهي ۽ ڪافر چونٿا، اها عجب ڳالهہ لڳي ٿي.

ءَاِذَا مِتْنَا وَ كُنَّا تُرَابًا ۚ ذٰلِكَ رَجْعٌۢ بَعِيْدٌ ④

٤ـ ڇا جڏهين اسان مري وينداسين ۽ مٽي ٿي وينداسين تہ پوءِ ٻيهر جيئرا ٿي وينداسين! اهو موٽڻ تہ (عقل کان) پري آهي.

قَدْ عَلِمْنَا مَا تَنْقُصُ الْاَرْضُ مِنْهُمْ ۚ وَعِنْدَنَا كِتٰبٌ حَفِيْظٌ ⑤

٥ـ اسان کي چڱي طرح معلوم آهي اهو بہ جيڪي زمين انهن مان گهٽ ڪري ٿي (۽ اهو بہ جيڪو وڌائي ٿي) ۽ اسان وٽ اهڙو ڪتاب آهي جيڪو هر شيءِ کي محفوظ رکي ٿو.

بَلْ كَذَّبُوْا بِالْحَقِّ لَمَّا جَآءَهُمْ فَهُمْ فِيْٓ اَمْرٍ مَّرِيْجٍ ⑥

٦ـ ڳالهہ اها آهي تہ انهن ماڻهن حق جو انڪار ڪري ڇڏيو. جڏهين اهو انهن وٽ آيو انهي ڪري اهي هڪ اهڙي خيال ۾ پيل آهن جيڪو مليل جليل آهي (يعني سچ ۽ ڪوڙ انهن جي خيالن ۾ ملي ويا آهن)

اَفَلَمْ يَنْظُرُوْٓا اِلَى السَّمَآءِ فَوْقَهُمْ كَيْفَ بَنَيْنٰهَا

٧ـ ڇا انهن پنهن جي مٿان آسمان کي نہ ڏٺو

كرڻ واري حق جي دشمن

مَّنَّاعٍ لِّلْخَيْرِ مُعْتَدٍ مُّرِيبٍ ﴿٢٥﴾

٢٦- نيڪيءَ کان روڪڻ واري حد کان وڌي وڃڻ واري ۽ شڪ ڪرڻ واري کي توهان ٻئي دوزخ ۾ وجهي ڇڏيو.

الَّذِي جَعَلَ مَعَ اللَّهِ إِلَٰهًا آخَرَ فَأَلْقِيَاهُ فِي الْعَذَابِ الشَّدِيدِ ﴿٢٦﴾

٢٧- جيڪو الله سان ٻيا معبود بنائيندو هو - سو توهان اڄ انهيءَ کي سخت عذاب ۾ وجهي ڇڏيو.

قَالَ قَرِينُهُ رَبَّنَا مَا أَطْغَيْتُهُ وَلَٰكِن كَانَ فِي ضَلَالٍ بَعِيدٍ ﴿٢٧﴾

٢٨- (۽) انهيءَ جو ساٿي چوندو اي اسانجا رب! مون انهيءَ کان سرڪشي نہ ڪرائي آهي پر هو خودئي هڪ ٻي حد گمراهيءَ ۾ مبتلا هو.

قَالَ لَا تَخْتَصِمُوا لَدَيَّ وَقَدْ قَدَّمْتُ إِلَيْكُم بِالْوَعِيدِ ﴿٢٨﴾

٢٩- (انهيءَ تي خدا) فرمائيندو مون وٽ جهڳڙو نہ ڪيو. ۽ ياد رکو تہ مان توهان ڏانهن پهرين ئي عذاب جي خبر موڪلي چڪو آهيان.

مَا يُبَدَّلُ الْقَوْلُ لَدَيَّ وَمَا أَنَا بِظَلَّامٍ لِّلْعَبِيدِ ﴿٢٩﴾

٣٠- ۽ منهن جي حضور ۾ ڪابہ ڳالهہ بدلائي پيش نٿي ڪري سگهجي ۽ نہ مان پنهن جن ٻانهن تي ڪنهن بہ قسم جو ظلم ڪرڻ وارو آهيان.

يَوْمَ نَقُولُ لِجَهَنَّمَ هَلِ امْتَلَأْتِ وَتَقُولُ هَلْ مِن مَّزِيدٍ ﴿٣٠﴾

٣١- انهيءَ ڏينهن اسان جهنم کي چونداسين, ڇا تون ڀرجي وئين؟ ۽ اهو چوندو ڇا اڃا ڪجهہ ٻيو بہ آهي؟

وَأُزْلِفَتِ الْجَنَّةُ لِلْمُتَّقِينَ غَيْرَ بَعِيدٍ ﴿٣١﴾

٣٢- ۽ انهيءَ ڏينهن جنت متقين جي اهڙي ويجهو ڪئي ويندي جو اهي انهيءَ کي محسوس ڪرڻ لڳندا.

هَٰذَا مَا تُوعَدُونَ لِكُلِّ أَوَّابٍ حَفِيظٍ ﴿٣٢﴾

٣٣- ۽ چيو ويندو تہ توهان مان هر ڪنهن جهڪڻ واري ۽ شريعت جي حفاظت ڪرڻ واري سان انهيءَ انعام جو واعدو ڪيو ويو هو.

مَنْ خَشِيَ الرَّحْمٰنَ بِالْغَيْبِ وَجَآءَ بِقَلْبٍ مُّنِيْبٍ ﴿٣٣﴾

٣٤. (يعني انهيءَ سان) جيڪو رحمان (خدا) کان لڪ ۾ ڊڄندو هو ۽ جهڪڻ واريءَ دل سان انهيءَ وٽ آيو هو.

ادْخُلُوْهَا بِسَلٰمٍ ذٰلِكَ يَوْمُ الْخُلُوْدِ ﴿٣٤﴾

٣٥. (اسان چونداسين تہ) توهين سڀ سلامتيءَ سان جنت ۾ داخل ٿي وڃو هي اهو برڪت وارو ڏينهن آهي جو ڪڏهين ختم نہ ٿيندو.

لَهُمْ مَّا يَشَآءُوْنَ فِيْهَا وَ لَدَيْنَا مَزِيْدٌ ﴿٣٥﴾

٣٦. اهي جيڪي ڪي انهيءَ ۾ چاهيندا سڀ انهن کي ملندو ۽ اسان وٽ انهيءَ کان بہ وڌيڪ انهن کي ڏيڻ لاءِ موجود آهي.

وَكَمْ اَهْلَكْنَا قَبْلَهُمْ مِّنْ قَرْنٍ هُمْ اَشَدُّ مِنْهُمْ بَطْشًا فَنَقَّبُوْا فِي الْبِلَادِ هَلْ مِنْ مَّحِيْصٍ ﴿٣٦﴾

٣٧. ۽ اسان انهن کان پهرين ڪيترين قومون تباهہ ڪري چڪا آهيون اهي انهن کان وڌيڪ پڪڙ جو مادو رکنديون هيون پر (جڏهين عذاب آيو تہ) انهن ملڪ جي هڪ ڪنڊ ۾ پنهن جي بچاءَ جي لاءِ سرنگهون ٻجائي ڇڏيون پر (ظاهر آهي تہ) خدا جي عذاب کان بچڻ جي گنجائش ڪٿي ٿي سگهي ٿي.

اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَذِكْرٰى لِمَنْ كَانَ لَهٗ قَلْبٌ اَوْ اَلْقَى السَّمْعَ وَهُوَ شَهِيْدٌ ﴿٣٧﴾

٣٨. انهيءَ ۾ هر شخص جي لاءِ جنهن جي سوچڻ واري دل موجود آهي يا جيڪو ٻڌڻ جي لاءِ ڪن ڏئي ٿو ۽ غور بہ ڪري ٿو نصيحت آهي.

وَلَقَدْ خَلَقْنَا السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ وَمَا بَيْنَهُمَا فِيْ سِتَّةِ اَيَّامٍ وَّمَا مَسَّنَا مِنْ لُّغُوْبٍ ﴿٣٨﴾

٣٩. ۽ اسان آسمانن ۽ زمين کي ۽ جيڪي ڪي انهن جي وچ آهي - انهن سڀني کي ڇهن وقتن ۾ پيدا اڪيو پوءِ اسان بلڪل نہ ٿڪاسين.

فَاصْبِرْ عَلٰى مَا يَقُوْلُوْنَ وَسَبِّحْ بِحَمْدِ رَبِّكَ قَبْلَ طُلُوْعِ الشَّمْسِ وَقَبْلَ الْغُرُوْبِ ﴿٣٩﴾

٤٠. پوءِ جيڪي ڪي اهي چون ٿا انهيءَ تي صبر ڪر ۽ سج نڪرڻ کان پهرين ۽ لهڻ کان پهرين پنهن جي رب جي تسبيح ڪندو ڪر.

وَمِنَ الَّيْلِ فَسَبِّحْهُ وَاَدْبَارَ السُّجُوْدِ ﴿٤٠﴾

٤١. ۽ رات جي وقت بہ انهيءَ جي تسبيح

كندو كر ۽ هر عبادت جي پڄاڙيءَ ۾ بہ (ائين ئي كندو كر)

وَاسْتَمِعْ يَوْمَ يُنَادِ الْمُنَادِ مِن مَّكَانٍ قَرِيبٍ ﴿٤٢﴾

٤٢- ۽ (اي نبي!) ٻڌي ڇڏ تہ هڪ ڏينهن پڪارڻ وارو ويجهڙي جڳهہ کان پڪاريندو.

يَوْمَ يَسْمَعُونَ الصَّيْحَةَ بِالْحَقِّ ذَٰلِكَ يَوْمُ الْخُرُوجِ ﴿٤٣﴾

٤٣- جنهن ڏينهن سڀئي ماڻهو هڪ پوري ٿي رهڻ واري عذاب جو آواز ٻڌندا - اهو ڏينهن جيئرو ٿي نڪرڻ جو ڏينهن هوندو.

إِنَّا نَحْنُ نُحْيِي وَنُمِيتُ وَإِلَيْنَا الْمَصِيرُ ﴿٤٤﴾

٤٤- اسان ئي جيئرو بہ ڪيونٿا ۽ ماريون بہ ٿا ۽ اسان ڏانهن ئي موٽي اچڻو آهي.

يَوْمَ تَشَقَّقُ الْأَرْضُ عَنْهُمْ سِرَاعًا ذَٰلِكَ حَشْرٌ عَلَيْنَا يَسِيرٌ ﴿٤٥﴾

٤٥- انهيءَ ڏينهن جڏهن زمين انهن جي شرارتن جي سبب کان ڦاٽي پوندي (انهيءَ کي ياد) ڪر (۽) اهي انهيءَ مان جلدي جلدي نڪرندا. اهو مئلن جو جيئرو ڪرڻ اسان لاءِ آسان آهي.

نَّحْنُ أَعْلَمُ بِمَا يَقُولُونَ وَمَا أَنتَ عَلَيْهِم بِجَبَّارٍ فَذَكِّرْ بِالْقُرْآنِ مَن يَخَافُ وَعِيدِ ﴿٤٦﴾ ع

٤٦- اسان انهن جي ڳالهين کان چڱيءَ طرح واقف آهيون ۽ تون انهن تي هڪ جابر (بادشاهہ) جي طور تي مقرر ڪيو ويو نہ آهين - سو تون قرآن سان صرف انهيءَ کي نصيحت ڪر جيڪو منهن جي عذاب جي پيشگوئين کان ڊڄي ٿو.

## سُوْرَةُ الذّٰرِيٰتِ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ مَعَ الْبَسْمَلَةِ اِحْدٰى وَسِتُّوْنَ اٰيَةً وَّثَلٰثَةُ رُكُوْعَاتٍ

سورت ذاريات ـ هيءَ سورت مڪي آهي ۽ بسم الله سميت هن جون ايڪهٺ آيتون ۽ ٽي رڪوع آهن.

---

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ①

١ـ (مان) الله جو نالو وٺي جيڪو بيحد ڪرم ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي (پڙهانٿو)

وَالذّٰرِيٰتِ ذَرْوًا ②

٢ـ اسان انهن (هوائن) کي شاهديءَ طور پيش ڪيون ٿا جيڪي (ڪکرن کي) اڏائينديون گهمن ٿيون.

فَالْحٰمِلٰتِ وِقْرًا ③

٣ـ وري (بارش جو) بوجو کڻي وڃن ٿيون.

فَالْجٰرِيٰتِ يُسْرًا ④

٤ـ پوءِ آهستي سان هلن ٿيون.

فَالْمُقَسِّمٰتِ اَمْرًا ⑤

٥ـ ۽ آخر اسانجي حڪم (يعني بارش) کي (زمين ۾) تقسيم ڪري ڇڏين ٿيون.

اِنَّمَا تُوْعَدُوْنَ لَصَادِقٌ ⑥

٦ـ توهان سان جيڪو واعدو ڪيو وڃي ٿو اهو ضرور پورو ٿي رهندو.

وَّاِنَّ الدِّيْنَ لَوَاقِعٌ ⑦

٧ـ ۽ جزا ۽ سزا ضرور ٿيڻي آهي.

وَالسَّمَآءِ ذَاتِ الْحُبُكِ ⑧

٨ـ انهيءَ جي ثبوت ۾ اسان انهيءَ آسمان کي پيش ڪيون ٿا جنهن ۾ تارن جا رستا آهن.

اِنَّكُمْ لَفِيْ قَوْلٍ مُّخْتَلِفٍ ⑨

٩ـ توهان سيئي هڪ اختلافي ڳالهه ۾ مبتلا آهيو.

يُّؤْفَكُ عَنْهُ مَنْ اُفِكَ ⑩

١٠ـ جنهن جي سببان اهوئي شخص حق کان ڦيرايو وڃي ٿو جنهن جو حق کان ڦيرائڻ جو حڪم صادر ٿي وڃيٿو.

قُتِلَ الْخَرّٰصُوْنَ ⑪

١١ـ خيالي ڳالهيون ڪرڻ وارا تباهه ٿي ويا.

الَّذِيْنَ هُمْ فِيْ غَمْرَةٍ سَاهُوْنَ ⑫

١٢ـ جيڪي گمراهيءَ جي اونهائين ۾ پنجي حق کي ڀلائي رهيا آهن.

يَسْـَٔلُوْنَ اَيَّانَ يَوْمُ الدِّيْنِ ﴿١٢﴾

١٣. اهي پڇن ٿا ته جزا ۽ سزا جو وقت ڪڏهين ايندو؟

يَوْمَ هُمْ عَلَى النَّارِ يُفْتَنُوْنَ ﴿١٣﴾

١٤. (تون چؤ) انهيءَ وقت (ايندو) جڏهين انهن کي باهه جي عذاب ۾ مبتلا ڪيو ويندو.

ذُوْقُوْا فِتْنَتَكُمْ ۭ هٰذَا الَّذِيْ كُنْتُمْ بِهٖ تَسْتَعْجِلُوْنَ ﴿١٤﴾

١٥. (۽ چيو ويندو ته) پنهنجو عذاب چکو هيءَ اهوئي (عذاب آهي) جنهنکي توهان جلدي گهرندا هئا.

اِنَّ الْمُتَّقِيْنَ فِيْ جَنّٰتٍ وَّعُيُوْنٍ ﴿١٥﴾

١٦. متقي باغن ۽ چشمن ۾ رهندا.

اٰخِذِيْنَ مَآ اٰتٰىهُمْ رَبُّهُمْ ۭ اِنَّهُمْ كَانُوْا قَبْلَ ذٰلِكَ مُحْسِنِيْنَ ﴿١٦﴾

١٧. (۽) انهن جو رب انهن کي جيڪي ڪجهه ڏيندو اهي وٺندا ويندا ـ اهي انهيءَ وقت کان پهرين پوريءَ طرح حڪم بجا آڻڻ وارا هئا.

كَانُوْا قَلِيْلًا مِّنَ الَّيْلِ مَا يَهْجَعُوْنَ ﴿١٧﴾

وَبِالْاَسْحَارِ هُمْ يَسْتَغْفِرُوْنَ ﴿١٨﴾

١٨. راتن جو گهٽ سمهندا هئا.

١٩. ۽ صبح جي وقت به اهي استغفار ڪندا هئا.

وَفِيْٓ اَمْوَالِهِمْ حَقٌّ لِّلسَّاۗىِٕلِ وَالْمَحْرُوْمِ ﴿١٩﴾

٢٠. ۽ انهن جي مالن ۾ گهرڻ وارن جو به حق هو ۽ جيڪي گهري نٿي سگهيا انهن جو به (حق هو)

وَفِي الْاَرْضِ اٰيٰتٌ لِّلْمُوْقِنِيْنَ ﴿٢٠﴾

٢١. ۽ زمين ۾ يقين ڪرڻ وارن جيلاءِ ڏاڍا نشان آهن.

وَفِيْٓ اَنْفُسِكُمْ ۭ اَفَلَا تُبْصِرُوْنَ ﴿٢١﴾

٢٢. ۽ توهانجن پنهنجن جانين ۾ به ڇا توهان ڏسر نٿا؟

وَفِي السَّمَاۗءِ رِزْقُكُمْ وَمَا تُوْعَدُوْنَ ﴿٢٢﴾

٢٣. ۽ آسمان ۾ توهانجو رزق به آهي ۽ جيڪي کي (انهيءَ ڪانسواءِ) واعدو ڪيو وڃي ٿو اهو به (آهي)

فَوَرَبِّ السَّمَاۗءِ وَالْاَرْضِ اِنَّهٗ لَحَقٌّ مِّثْلَ مَآ اَنَّكُمْ تَنْطِقُوْنَ ﴿٢٣﴾ ع ١٨

٢٤. سو آسمانن ۽ زمين جي رب جو قسم (ته جڏهن اهي ڳالهيون پوريون ٿينديون ته خبر (پوندي ته) هي (قرآن) اهڙيءَ طرح هڪ

حقيقت آهي جهڙيءَ طرح توهانجو ڳالهيون ڪرڻ.

هَلْ اَتٰىكَ حَدِيْثُ ضَيْفِ اِبْرٰهِيْمَ الْمُكْرَمِيْنَ ﴿٢٥﴾

٢٥. ڇا تو وٽ ابراهيم جي معزز مهمانن جي خبر پهتي آهي.

اِذْ دَخَلُوْا عَلَيْهِ فَقَالُوْا سَلٰمًا ؕ قَالَ سَلٰمٌ ۚ قَوْمٌ مُّنْكَرُوْنَ ﴿٢٦﴾

٢٦. جڏهين اهي انهيءَ وٽ آيا تہ انهن چيو (اسان توکي) سلام (چئون ٿا) انهيءَ چيو (مان بہ) چوان ٿو تہ توهانجي جي لاءِ (خدا جي طرفان) دائمي سلامتي مقدر آهي (۽ دل) ۾ چيو تہ اهي ماڻهو اوپرا معلوم ٿين ٿا.

فَرَاغَ اِلٰٓى اَهْلِهٖ فَجَآءَ بِعِجْلٍ سَمِيْنٍ ﴿٢٧﴾

٢٧. پوءِ هو ماٺ ڪري پنهن جي گهر وارن ڏانهن هليو ويو ۽ هڪ پڪل ڳابو ڪٺي آيو.

فَقَرَّبَهٗٓ اِلَيْهِمْ قَالَ اَلَا تَاْكُلُوْنَ ﴿٢٨﴾

٢٨. ۽ انکي انهن جي اڳيان رکيائين (پوءِ) چيائين ڇا توهان ڪجهہ نہ کائيندا؟

فَاَوْجَسَ مِنْهُمْ خِيْفَةً ؕ قَالُوْا لَا تَخَفْ ؕ وَبَشَّرُوْهُ بِغُلٰمٍ عَلِيْمٍ ﴿٢٩﴾

٢٩. ۽ (دل ۾) انهن کان ڪجهہ ڊنو (اهي انهيءَ حالت کي سمجهي ويا) ۽ چوڻ لڳا. ڊڄ نہ . ۽ کيس هڪ علم واري نينگر جي بشارت ڏني.

فَاَقْبَلَتِ امْرَاَتُهٗ فِيْ صَرَّةٍ فَصَكَّتْ وَجْهَهَا وَقَالَتْ عَجُوْزٌ عَقِيْمٌ ﴿٣٠﴾

٣٠. ايتري ۾ انهيءَ جي زال اڳيان آئي جنهن جي منهن تي شرم جا آثار هئا پوءِ انهيءَ زور سان پنهنجا هٿ منهن تي هنيا ۽ چيائين . مان تہ هڪ سنڍ پوڙهي آهيان.

قَالُوْا كَذٰلِكِ ۙ قَالَ رَبُّكِ ؕ اِنَّهٗ هُوَ الْحَكِيْمُ الْعَلِيْمُ ﴿٣١﴾

٣١. انهيءَ چيو (اهو سچ آهي تہ) تون اهڙي ئي آهين پر تنهن جي رب (اهوئي) چيو آهي (جيڪي اسان چيو آهي) اهو يقينن وڏي حڪمت وارو (۽) وڏي علم وارو آهي.

الربع

قَالَ فَمَا خَطْبُكُمْ اَيُّهَا الْمُرْسَلُوْنَ ﴿٣٢﴾

٣٢- (انهيءَ تي ابراهيم) چيو اي رسولو! توهانجي ذمي ڪهڙو وڏو ڪم لڳايو ويو آهي.

قَالُوْٓا اِنَّآ اُرْسِلْنَآ اِلٰى قَوْمٍ مُّجْرِمِيْنَ ﴿٣٣﴾

٣٣- انهن چيو, اسان هڪ مجرم قوم ڏانهن موڪليا ويا آهيون.

لِنُرْسِلَ عَلَيْهِمْ حِجَارَةً مِّنْ طِيْنٍ ﴿٣٤﴾

٣٤- انهيءَ لاءِ تہ انهن تي آليءَ مٽي مان ٺهيل پٿريون (لاڪيتيون) وسايون.

مُّسَوَّمَةً عِنْدَ رَبِّكَ لِلْمُسْرِفِيْنَ ﴿٣٥﴾

٣٥- جن تي تنهن جي رب جي طرفان حد کان وڌي وڃڻ وارن کي سزا ڏيڻ جي لاءِ نشان لڳايو ويو آهي.

فَاَخْرَجْنَا مَنْ كَانَ فِيْهَا مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿٣٦﴾

٣٦- ۽ اسان انهيءَ بستيءَ ۾ جيترا مومن هئا انهن کي ڪڍي ورتو.

فَمَا وَجَدْنَا فِيْهَا غَيْرَ بَيْتٍ مِّنَ الْمُسْلِمِيْنَ ﴿٣٧﴾

٣٧- ۽ اسان انهيءَ بستيءَ ۾ پنهنجن فرمانبردارن جو صرف هڪ گهر لڌو

وَتَرَكْنَا فِيْهَآ اٰيَةً لِّلَّذِيْنَ يَخَافُوْنَ الْعَذَابَ الْاَلِيْمَ ﴿٣٨﴾

٣٨- ۽ اسان انهيءَ (بستيءَ) ۾ هڪ اهڙو نشان ڇڏيو جيڪو هميشه انهن ماڻهن جي ڪم ايندو جيڪي دردناڪ عذاب کان ڊڄڻ وارا هوندا.

وَفِيْ مُوْسٰٓى اِذْ اَرْسَلْنٰهُ اِلٰى فِرْعَوْنَ بِسُلْطٰنٍ مُّبِيْنٍ ﴿٣٩﴾

٣٩- ۽ موسيٰ جي واقعي ۾ بہ (ڪيترين ئي نشانيون هيون) جڏهن اسان انهيءَ کي فرعون ڏانهن هڪ ظاهر ظهور دليل ڏيئي موڪليو.

فَتَوَلّٰى بِرُكْنِهٖ وَقَالَ سٰحِرٌ اَوْ مَجْنُوْنٌ ﴿٤٠﴾

٤٠- ۽ اهو (فرعون) پنهن جي بنخاني ڏانهن پٺي ورائي موٽي ويو ۽ چوڻ لڳو تہ (موسيٰ) وڏيون بناوت جون ڳالهيون ڪرڻ وارو ۽ چريو آهي.

فَاَخَذْنٰهُ وَجُنُوْدَهٗ فَنَبَذْنٰهُمْ فِى الْيَمِّ وَهُوَ مُلِيْمٌ ﴿٤١﴾

٤١- انهيءَ تي اسان انهيءَ کي ۽ انهيءَ جي لشڪرن کي(قهر سان)پڪڙي ورتو ۽ انهن سڀني کي سمنڊ ۾ اڇلائي ڇڏيو ۽ (اڄ تائين) انهن تي ملامت ٿي رهي آهي.

وَ فِيْ عَادٍ اِذْ اَرْسَلْنَا عَلَيْهِمُ الرِّيْحَ الْعَقِيْمَ ﴿٤١﴾

٤٢- ۽ عاد جي واقعي ۾ بہ (اسان ڏاڍا نشان ڇڏيا آهن انهيءَ وقت) جڏهين اسان انهن تي هڪ سخت آنڌي هلائي هئي.

مَا تَذَرُ مِنْ شَيْءٍ اَتَتْ عَلَيْهِ اِلَّا جَعَلَتْهُ كَالرَّمِيْمِ ﴿٤٢﴾

٤٣- اها جنهن شئي تي هلندي هئي انهيءَ کي (تباهہ ڪري ڇڏيندي هئي ۽ انهيءَ کي) ڳريل هڏن وانگر ڪري ڇڏيندي هئي.

وَ فِيْ ثَمُوْدَ اِذْ قِيْلَ لَهُمْ تَمَتَّعُوْا حَتّٰى حِيْنٍ ﴿٤٣﴾

٤٤- ۽ ثمود ۾ بہ (اسان نشان ڇڏيو) جڏهين انهن کي چيو ويو تہ هڪ عرصي تائين فائدو وٺو.

فَعَتَوْا عَنْ اَمْرِ رَبِّهِمْ فَاَخَذَتْهُمُ الصّٰعِقَةُ وَهُمْ يَنْظُرُوْنَ ﴿٤٤﴾

٤٥- ۽ انهن پنهن جي رب جي حڪم جي نافرماني ڪئي ۽ انهن کي هڪ عذاب اچي ورتو - ۽ اهي ڏسندا ئي رهيا.

فَمَا اسْتَطَاعُوْا مِنْ قِيَامٍ وَّمَا كَانُوْا مُنْتَصِرِيْنَ ﴿٤٥﴾

٤٦- ۽ نہ تہ بچڻ جي لاءِ اٿي سگهيا ۽ اهي نہ ڪنهن جي مدد حاصل ڪري سگهيا.

وَ قَوْمَ نُوْحٍ مِّنْ قَبْلُ اِنَّهُمْ كَانُوْا قَوْمًا فٰسِقِيْنَ ﴿٤٦﴾ ٢ ع٢٣ ١

٤٧- ۽ انهن کان پهرين نوح جي قوم کي (اسان تباهہ ڪري چڪا هئاسين) اها فرمانبرداريءَ کان نڪرڻ واري قوم هئي.

وَالسَّمَآءَ بَنَيْنٰهَا بِاَيْدٍ وَّاِنَّا لَمُوْسِعُوْنَ ﴿٤٧﴾

٤٨- ۽ آسمانن کي بہ اسان ڪيترن صفتن سان بنايو آهي ۽ اسان وڏي ڪشادي طاقت رکون ٿا.

وَ الْاَرْضَ فَرَشْنٰهَا فَنِعْمَ الْمٰهِدُوْنَ ﴿٤٨﴾

٤٩- ۽ زمين کي اسان هڪ وڇائي ونگر بنايو آهي ۽ اسان ڏاڍو سٺو وڇائڻ ڪاهڻ وارا آهيون.

وَ مِنْ كُلِّ شَيْءٍ خَلَقْنَا زَوْجَيْنِ لَعَلَّكُمْ تَذَكَّرُوْنَ ﴿٤٩﴾

٥٠- ۽ هر هڪ شيءِ جا اسان نر ۽ ماديون ڪاهيون آهن انهيءَ لاءِ تہ توهان نصيحت حاصل ڪيو.

فَفِرُّوْٓا اِلَى اللّٰهِ ؕ اِنِّيْ لَكُمْ مِّنْهُ نَذِيْرٌ مُّبِيْنٌ ﴿٥٠﴾

٥١- پوءِ (گهرجي تہ) توهان الله ڏانهن ڊوڙو- مان انهيءَ جي طرفان توهانکي وڏي آواز سان هوشيار ڪرڻ وارو بنجي آيو آهيان.

وَلَا تَجْعَلُوْا مَعَ اللّٰهِ اِلٰهًا اٰخَرَ ؕ اِنِّيْ لَكُمْ مِّنْهُ نَذِيْرٌ

٥٢- ۽ توهان الله سان ڪنهن ٻئي کي معبود

مُّبِيْنٌ ﴿۵۱﴾

نہ بنايو ـ مان انهيءَ جي طرفان توهان ڏانهن هڪ ظاهر ظهور هوشيار ڪرڻ وارو آهيان.

كَذٰلِكَ مَآ اَتَى الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ مِّنْ رَّسُوْلٍ اِلَّا قَالُوْا سَاحِرٌ اَوْ مَجْنُوْنٌ ﴿۵۲﴾

۵٣ـ اهڙيءَ طرح انهن کان پهرين جيڪي رسول ايندا رهيا انهن کي ماڻهن اهوئي چيو تہ اهي دوکي وارين ڳالهين ٺاهڻ وارا يا چريا آهن.

اَتَوَاصَوْا بِهٖ ۚ بَلْ هُمْ قَوْمٌ طَاغُوْنَ ﴿۵٣﴾

۵۴ـ ڇا اهي انهيءَ (ڳالهہ چوڻ) جي هڪ ٻئي کي وصيت ڪري ويا هئا (هرگز نہ) پر اهي سڀيئي سرڪش ماڻهو آهن (انهيءَ ڪري هڪ ئي قسم جا گندا خيال انهن جي دل ۾ پيدا ٿين ٿا)

فَتَوَلَّ عَنْهُمْ فَمَآ اَنْتَ بِمَلُوْمٍ ﴿۵۴﴾

۵۵ـ پوءِ (اي نبي!) تون انهن کان منهن موڙي ڇڏ ۽ توکي انهن جي ڪمن جي ڪري ڪابہ ملامت نہ ڪئي ويندي.

وَّذَكِّرْ فَاِنَّ الذِّكْرٰى تَنْفَعُ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿۵۵﴾

۵٦ـ ۽ ياد ڏياريندو رهہ ـ ڇو جو ياد ڏيارڻ مومنن کي نفعو بخشيندو آهي.

وَمَا خَلَقْتُ الْجِنَّ وَالْاِنْسَ اِلَّا لِيَعْبُدُوْنِ ﴿۵٦﴾

۵٧ـ ۽ مون جنن ۽ انسانن کي صرف پنهن جي عبادت جي لاءِ پيدا ڪيو آهي.

مَآ اُرِيْدُ مِنْهُمْ مِّنْ رِّزْقٍ وَّمَآ اُرِيْدُ اَنْ يُّطْعِمُوْنِ ﴿۵٧﴾

۵٨ـ نہ مان انهن کان رزق گهران ٿو ۽ نہ مان انهن کان اهو گهران ٿو تہ اهي مونکي کاڏو کارائين

اِنَّ اللّٰهَ هُوَ الرَّزَّاقُ ذُو الْقُوَّةِ الْمَتِيْنُ ﴿۵٨﴾

۵٩ـ الله ئي سڀني کي کاڌو کارائڻ وارو (آهي) وڏي زبردست طاقت وارو آهي.

فَاِنَّ لِلَّذِيْنَ ظَلَمُوْا ذَنُوْبًا مِّثْلَ ذَنُوْبِ اَصْحٰبِهِمْ فَلَا يَسْتَعْجِلُوْنِ ﴿۵٩﴾

٦٠ـ پوءِ جن ظلم ڪيو آهي انهن جيلاءِ بہ اهڙا ئي ڏنگ آهن جهڙا انهن ساٿين جي لاءِ ڏنگ هئا پوءِ گهرجي تہ اهي عذاب طلب ڪرڻ جي مونکان جلدي نہ ڪن.

فَوَيْلٌ لِّلَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْ يَّوْمِهِمُ الَّذِيْ يُوْعَدُوْنَ ﴿٦٠﴾

٦١ـ ۽ جن ڪفر ڪيو آهي انهن جي لاءِ انهيءَ ڏينهن جنهن جو انهن سان واعدو ڪيو وڃي ٿو تباهي نازل ٿيڻ واري آهي.

## سُوْرَةُ الطُّوْرِ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ مَعَ الْبَسْمَلَةِ خَمْسُوْنَ اٰيَةً وَّ رُكُوْعَانِ

**سورت طور- هيءَ سورت مڪي آهي ۽ بسم الله سميت هن جون پنجاهه آيتون ۽ ٻه رڪوع آهن.**

| | |
|---|---|
| بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ① | ١- (مان) الله جو نالو وٺي جيڪو بيحد ڪرم ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي (پڙهانٿو) |
| وَالطُّوْرِ ② | ٢- مان طور کي شاهديءَ طور پيش ڪريانٿو |
| وَكِتٰبٍ مَّسْطُوْرٍ ③ | ٣- ۽ (هن) لکيل ڪتاب کي ٻه |
| فِيْ رَقٍّ مَّنْشُوْرٍ ④ | ٤- (جيڪو) کليل ڪاغذات تي (لکيو ويو آهي) |
| وَّالْبَيْتِ الْمَعْمُوْرِ ⑤ | ٥- ۽ خانه ڪعبه کي جيڪو هميشه آباد رهندو. |
| وَالسَّقْفِ الْمَرْفُوْعِ ⑥ | ٦- ۽ انهيءَ ڇت کي جيڪا هميشه بلند رهندي |
| وَالْبَحْرِ الْمَسْجُوْرِ ⑦ | ٧- ۽ جوش ۾ اچڻ واري سمنڊ کي |
| اِنَّ عَذَابَ رَبِّكَ لَوَاقِعٌ ⑧ | ٨- تنهن جي رب جي طرفان عذاب ضرور نازل ٿي رهندو |
| مَّا لَهٗ مِنْ دَافِعٍ ⑨ | ٩- انهيءَ کي ڪوبه ٽارڻ وارو ڪونهي |
| يَّوْمَ تَمُوْرُ السَّمَآءُ مَوْرًا ⑩ | ١٠- جنهن ڏينهن ڪڪر لهرون هڻڻ لڳندو |
| وَّتَسِيْرُ الْجِبَالُ سَيْرًا ⑪ | ١١- ۽ پهاڙ پنهن جي پوريءَ رفتار سان هلندا. |
| فَوَيْلٌ يَّوْمَئِذٍ لِّلْمُكَذِّبِيْنَ ⑫ | ١٢- پوءِ انهيءَ ڏينهن ڪوڙو ڪرڻ وارن تي عذاب نازل ٿيندو. |
| الَّذِيْنَ هُمْ فِيْ خَوْضٍ يَّلْعَبُوْنَ ⑬ وقف لازم | ١٣- (يعني انهن ماڻهن تي) جيڪي گند اجلائي اجلائي ڪيڏي رهيا هئا. |
| يَوْمَ يُدَعُّوْنَ اِلٰى نَارِ جَهَنَّمَ دَعًّا ⑭ | ١٤- جنهن ڏينهن انهن سيني کي جهنم جي |

باهہ ڏانهن ڌڪا ڏيئي نيو ويندو.

هٰذِهِ النَّارُ الَّتِيْ كُنْتُمْ بِهَا تُكَذِّبُوْنَ ﴿١٥﴾

١٥- (۽ چيو ويندو) هيءَ اهائي باهہ آهي جنهن جو توهان انڪار ڪندا هئا.

اَفَسِحْرٌ هٰذَآ اَمْ اَنْتُمْ لَا تُبْصِرُوْنَ ﴿١٦﴾

١٦- ڇا اها صرف ڏيک جي ڳالهہ هئي يا درحقيقت توهان هينئر بہ ڏسي نہ رهيا آهيو.

اِصْلَوْهَا فَاصْبِرُوْٓا اَوْ لَا تَصْبِرُوْا ۚ سَوَآءٌ عَلَيْكُمْ ۭ اِنَّمَا تُجْزَوْنَ مَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿١٧﴾

١٧- (جيڪڏهين اهو رڳو هڪ خيال آهي تہ بي ڏڙڪ) انهيءَ ۾ داخل ٿي وڃو ۽ (خواهہ) صبر ڪيو يا نہ صبر ڪيو توهان لاءِ برابر آهي (جيڪي ٿيڻو آهي اهو ٿي رهندو) توهانکي صرف توهانجن عملن جي ئي سزا ڏني وڃي ٿي.

اِنَّ الْمُتَّقِيْنَ فِيْ جَنّٰتٍ وَّنَعِيْمٍ ﴿١٨﴾

١٨- متقي جنتن ۾ ۽ نعمتن ۾ هوندا.

فٰكِهِيْنَ بِمَآ اٰتٰىهُمْ رَبُّهُمْ ۚ وَوَقٰىهُمْ رَبُّهُمْ عَذَابَ الْجَحِيْمِ ﴿١٩﴾

١٩- (۽) جيڪي ڪي انهن جو رب انهن کي ڏيندو انهيءَ تي خوش هوندا ۽ انهن جو رب انهن کي دوزخ جي عذاب کان بچائي وٺندو.

كُلُوْا وَاشْرَبُوْا هَنِيْٓـًٔا بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿٢٠﴾

٢٠- (۽ چوندو تہ) کائو ۽ پيئو (جيڪي توهانکي ڏنو وڃي ٿو) اهو توهانجن عملن جي سببان توهانجي لاءِ برڪت وارو هوندو.

مُتَّكِـِٕيْنَ عَلٰى سُرُرٍ مَّصْفُوْفَةٍ ۚ وَزَوَّجْنٰهُمْ بِحُوْرٍ عِيْنٍ ﴿٢١﴾

٢١- اهي انهيءَ ڏينهن قطارن ۾ وڇايل تختن تي ٽيڪ ڏيئي ويٺا هوندا ۽ اسان انهن کي وڏيون ڪارين اکين واريون عورتون جوڙي جي طور تي عطا ڪنداسين.

وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَاتَّبَعَتْهُمْ ذُرِّيَّتُهُمْ بِاِيْمَانٍ اَلْحَقْنَا بِهِمْ ذُرِّيَّتَهُمْ وَمَآ اَلَتْنٰهُمْ مِّنْ عَمَلِهِمْ مِّنْ شَيْءٍ ۭ كُلُّ امْرِئٍۢ بِمَا كَسَبَ رَهِيْنٌ ﴿٢٢﴾

٢٢- ۽ جن ماڻهن ايمان آندو آهي ۽ انهن جو اولاد بہ ايمان جي معاملي ۾ انهن جي پٺيان هليو آهي اسان انهن سان اعليٰ جنتن ۾ انهن جي اولاد کي بہ گڏ ڪنداسين ۽ انهن (ابن ڏاڏن) جي عملن ۾ بہ ڪا ڪمي نہ ڪنداسين . هر هڪ شخص پنهن جي عملن

جي بدلي ۾ ڳهه ٿيل آهي.

وَاَمْدَدْنٰهُمْ بِفَاكِهَةٍ وَّلَحْمٍ مِّمَّا يَشْتَهُوْنَ ﴿٢٣﴾

٢٣- ۽ اسان انهن کي انهن جي خواهش مطابق قسمين قسمين ميوا ۽ قسم قسم جو گوشت مهيا ڪنداسين.

يَتَنَازَعُوْنَ فِيْهَا كَاْسًا لَّا لَغْوٌ فِيْهَا وَلَا تَاْثِيْمٌ ﴿٢٤﴾

٢٤- اهي انهيءَ ۾ اهڙن پيالن جي متعلق جهڳڙندا جنهن جو نتيجو نه بڪ بڪ ڪرڻ هوندو ۽ نه گناهه (ڪرڻ هوندو).

وَيَطُوْفُ عَلَيْهِمْ غِلْمَانٌ لَّهُمْ كَاَنَّهُمْ لُؤْلُؤٌ مَّكْنُوْنٌ ﴿٢٥﴾

٢٥- ۽ جوان خادم هر وقت انهن جي خدمت ۾ حاضر هوندا، ڄڻ ته اهي پردن ۾ ويڙهيل موتي آهن.

وَاَقْبَلَ بَعْضُهُمْ عَلٰى بَعْضٍ يَّتَسَآءَلُوْنَ ﴿٢٦﴾

٢٦- ۽ اهي هڪ ٻئي ڏانهن ڌيان ڪري پاڻ ۾ سوال جواب ڪندا.

قَالُوْٓا اِنَّا كُنَّا قَبْلُ فِيْٓ اَهْلِنَا مُشْفِقِيْنَ ﴿٢٧﴾

٢٧- ۽ چوندا ته اسان ماڻهو پهرين پنهنجن مائٽن ۾ پنهن جي نتيجي کان ڊڄندا هئاسين.

فَمَنَّ اللّٰهُ عَلَيْنَا وَوَقٰىنَا عَذَابَ السَّمُوْمِ ﴿٢٨﴾

٢٨- پر الله اسان تي احسان ڪيو ۽ اسانکي گرم جهولي جي عذاب کان بچائي ورتو.

اِنَّا كُنَّا مِنْ قَبْلُ نَدْعُوْهُ ۭ اِنَّهٗ هُوَ الْبَرُّ الرَّحِيْمُ ﴿٢٩﴾ ع ١ ٢٩ ٣

٢٩- اسان پهرين کان انهيءَ (خدا) کي پڪاريندا هئاسين - اهو وڏو نيڪ سلوڪ ڪرڻ وارو (۽) بي انتها ڪرم ڪرڻ وارو آهي.

فَذَكِّرْ فَمَآ اَنْتَ بِنِعْمَتِ رَبِّكَ بِكَاهِنٍ وَّلَا مَجْنُوْنٍ ﴿٣٠﴾

٣٠- پوءِ (اي رسول) تون (ماڻهن کي) نصيحت ڪندو وڃ، ڇو جو تون پنهن جي رب جي احسان کان نه ته ڪاهن آهين ۽ نه چريو.

اَمْ يَقُوْلُوْنَ شَاعِرٌ نَّتَرَبَّصُ بِهٖ رَيْبَ الْمَنُوْنِ ﴿٣١﴾

٣١- ڇا اهي چون ٿا ته هيءَ شخص شاعر آهي (۽) اسان زماني جي تباهيءَ جو انهيءَ جي لاءِ انتظار ڪري رهيا آهيون.

قُلْ تَرَبَّصُوْا فَاِنِّيْ مَعَكُمْ مِّنَ الْمُتَرَبِّصِيْنَ ﴿٣٢﴾

٣٢- تون چؤ انتظار ڪندا رهو ڇو جو مان به توهان لاءِ انتظار ڪري رهيو آهيان.

اَمْ تَاْمُرُهُمْ اَحْلَامُهُمْ بِهٰذَآ اَمْ هُمْ قَوْمٌ

٣٣- ڇا انهن کي انهن جا عمل اهائي ڳالهه

خلاف (خدائي) تدبيرون ڪيون ونديون.

أَمْ لَهُمْ إِلٰهٌ غَيْرُ اللّٰهِ ۚ سُبْحٰنَ اللّٰهِ عَمَّا يُشْرِكُوْنَ ﴿٤٤﴾

۴۴- ڇا الله کانسواءِ انھن جو ڪو ٻيو معبود آھي؟ (ياد رکو) انھن جي شرڪ کان الله پاڪ آھي.

وَإِنْ يَّرَوْا كِسْفًا مِّنَ السَّمَآءِ سَاقِطًا يَّقُوْلُوْا سَحَابٌ مَّرْكُوْمٌ ﴿٤٥﴾

۴۵- ۽ جيڪڏھن اھي ڪڪر جو ڪو ٽڪرو آسمان کان وسندو ڏسن تہ چون ٿا تہ اھو تہ (فقط) ھڪ گھاٽو ڪڪر آھي.

فَذَرْهُمْ حَتّٰى يُلٰقُوْا يَوْمَهُمُ الَّذِيْ فِيْهِ يُصْعَقُوْنَ ﴿٤٦﴾

۴۶- پوءِ تون انھن کي (انھن جي بيوقوفيءَ ۾) ڇڏي ڏي، ايستائين جو اھي پنھن جي انھيءَ مقرر ڏينھن کي ڏسي وٺن جنھن ۾ (انھن تي عذاب نازل ڪيو ويندو) خوف جي ڌڪ کان بيھوش ڪيا ويندا.

يَوْمَ لَا يُغْنِيْ عَنْهُمْ كَيْدُهُمْ شَيْـًٔا وَّلَا هُمْ يُنْصَرُوْنَ ﴿٤٧﴾

۴۷- جنھن ڏينھن انھن جي تدبير انھن کي ڪوبہ نفعو نہ پھچائيندي ۽ نہ انھن جي مدد ڪئي ويندي.

وَإِنَّ لِلَّذِيْنَ ظَلَمُوْا عَذَابًا دُوْنَ ذٰلِكَ وَلٰكِنَّ أَكْثَرَهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿٤٨﴾

۴۸- ۽ ظالم ماڻھن کي انھيءَ کانسواءِ ٻيا بہ عذاب پھچندا پر انھن مان اڪثر نٿا ڄاڻن.

وَاصْبِرْ لِحُكْمِ رَبِّكَ فَإِنَّكَ بِأَعْيُنِنَا وَسَبِّحْ بِحَمْدِ رَبِّكَ حِيْنَ تَقُوْمُ ﴿٤٩﴾

۴۹- ۽ تون پنھن جي رب جي حڪم تي قائم رھہ ڇو جو اسانجن اکين جي سامھون (اسانجي حفاظت ۾) آھين ۽ گھرجي تہ جڏھين تون (عبادت جيلاءِ) بيھين تہ اسان جي حمد سان گڏوگڏ تسبيح بہ ڪندو رھہ ۽ اھڙيءَ طرح (جڏھين تون) رات جي وقت (بيھين تہ)

وَمِنَ الَّيْلِ فَسَبِّحْهُ وَإِدْبَارَ النُّجُوْمِ ﴿٥٠﴾ ع ٢

۵۰- انھيءَ (خدا) جي تسبيح ڪندو رھہ ۽ جڏھين تارا پٺ ورائين (يعني رات ختم ٿيڻ واري ھجي) تڏھين بہ.

سُوْرَةُ النَّجْمِ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ مَعَ الْبَسْمَلَةِ ثَلٰثٌ وَّسِتُّوْنَ اٰيَةً وَّثَلٰثَةُ رُكُوْعَاتٍ

سورت نجم - هيءَ سورت مڪي آهي ۽ بسم الله سميت هن جو ٻيهٺ آيتون ۽ ٽي رڪوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ① — ١- (مان) الله جو نالو وٺي جيڪو بيحد ڪرم ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي (پڙهانٿو)

وَالنَّجْمِ اِذَا هَوٰى ② — ٢- مان ڪتي تاري کي جڏهين اهو معنوي طور تي هيٺ اچي ويندو - انهيءَ ڳالهه جي شاهديءَ جي لاءِ پيش ڪيان ٿو.

مَا ضَلَّ صَاحِبُكُمْ وَمَا غَوٰى ③ — ٣- تہ توهانجو سائي نہ رستو ڀليو آهي نہ گمراهہ ٿيو آهي.

وَمَا يَنْطِقُ عَنِ الْهَوٰى ④ — ٤- ۽ اهو پنهن جي نفساني خواهشن سان ڪلام نٿو ڪري.

اِنْ هُوَ اِلَّا وَحْيٌ يُّوْحٰى ⑤ — ٥- پر اهو (يعني انهيءَ جو پيش ڪيل قرآن مجيد) صرف خدا جي طرفان نازل ٿيڻ واري وحي آهي.

عَلَّمَهٗ شَدِيْدُ الْقُوٰى ⑥ — ٦- انهيءَ کي (اهو ڪلام) وڏين قوتن واري (خدا) سيکاريو آهي.

ذُوْ مِرَّةٍ فَاسْتَوٰى ⑦ — ٧- جنهن جون قوتون بار بار ظاهر ٿيڻ واريون آهن ۽ جيڪو هن وقت پنهنجن قوتن جي اظهار جي لاءِ پنهن جي عرش تي مضبوطيءَ سان قائم ٿي ويو آهي.

وَهُوَ بِالْاُفُقِ الْاَعْلٰى ⑧ — ٨- ۽ هر ڪنهن بالغ نظر واري کي آسمان جي ڪنارن تي انهيءَ جي ظاهر ٿيڻ جون نشانيون نظر اچي رهيون آهن.

ثُمَّ دَنَا فَتَدَلّٰى ⑨ — ٩- ۽ هو (يعني محمد رسول الله صلي الله عليه وسلم ٻانهن جي) انهيءَ بيقراريءَ کي ڏسي ۽ انهن تي رحم ڪري،خدا سان ملڻ جي

لاءِ) انهيءَ جي ويجهو ٽيو ۽ اهو (خدا) بہ (محمد رسول الله صلعم جي ملاقات جي شوق ۾) مٿان کان هيٺ اچي ويو.

فَكَانَ قَابَ قَوْسَيْنِ اَوْ اَدْنٰى ﴿١٠﴾

١٠. ۽ اهي ٻئي ٻن ڪمانن جي گڏيل وٽيءَ جي شڪل ۾ تبديل ٿي ويا. ۽ ٿيندي ٿيندي انهيءَ ڪان بہ وڌيڪ قرب جي صورت اختيار ڪري ورتي.

فَاَوْحٰۤى اِلٰى عَبْدِهٖ مَاۤ اَوْحٰى ﴿١١﴾

١١. پوءِ انهيءَ پنهن جي ٻانهي ڏانهن وحي نازل ڪئي جنهن جو هو فيصلو ڪري چڪو هو.

مَا كَذَبَ الْفُؤَادُ مَا رَاٰى ﴿١٢﴾

١٢. (محمد رسول الله صلي الله عليه وسلم جي) دل جيڪي ڪي ڏٺو هو اهوئي بيان ڪيو.

اَفَتُمٰرُوْنَهٗ عَلٰى مَا يَرٰى ﴿١٣﴾

١٣. ڇا توهان انهيءَ سان انهي (نظاري) جي باري ۾ جهڳڙو ڪيو ٿا جيڪو هن (محمد رسول الله) جن (آسمان تي) ڏٺو هو.

وَلَقَدْ رَاٰهُ نَزْلَةً اُخْرٰى ﴿١٤﴾

١٤. حالانڪ انهيءَ اهو (نظارو) هڪ دفعو نہ ڏٺو پر بہ دفعا ڏٺو آهي (يعني هڪ دفعو انهيءَ وقت جڏهين پاڻ خدا جي قريب ٿيڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا ۽ ٻيو دفعو انهيءَ وقت جڏهين خدا هن ڏانهن نزول فرمايو)

عِنْدَ سِدْرَةِ الْمُنْتَهٰى ﴿١٥﴾

١٥. (يعني) هڪ اهڙي ٻير وڻ جيڪا آخري جاءِ تي آهي.

عِنْدَهَا جَنَّةُ الْمَاْوٰى ﴿١٦﴾

١٦. انهيءَ جي ويجهو هميشه رهڻ واري جنت آهي.

اِذْ يَغْشَى السِّدْرَةَ مَا يَغْشٰى ﴿١٧﴾

١٧. ۽ اهو نظارو ڏٺو بہ انهيءَ وقت هئائون، جڏهين ٻير کي انهي شيءِ ڍڪي ڇڏيو هو جيڪا اهڙي وقت ۾ ڍڪيندي آهي (يعني الاهي تجليءَ)

مَا زَاغَ الْبَصَرُ وَمَا طَغٰى ⑱

١٨. نه ته انهيءَ جي اک انهيءَ وقت ڏنگي ٿي نه اڳتي نڪري ويئي.

لَقَدْ رَاٰى مِنْ اٰيٰتِ رَبِّهِ الْكُبْرٰى ⑲

١٩. انهيءَ وقت انهي پنهن جي رب جي وڏين نشانين مان هک وڏي نشاني ڏٺي.

اَفَرَءَيْتُمُ اللّٰتَ وَالْعُزّٰى ⑳

٢٠. توهان بہ ٿورو لات ۽ عزيٰ جو حال ٻڌايو (ڇا انهن جو بہ اهو شان آهي؟)

وَمَنٰوةَ الثَّالِثَةَ الْاُخْرٰى ㉑

٢١. ۽ ٽئين منات جو بہ جو انهن کانسواءِ آهي.

اَلَكُمُ الذَّكَرُ وَلَهُ الْاُنْثٰى ○

٢٢. ڇا توهانجي لاءِ تہ پٽ آهن ۽ خدا جي لاءِ ڌيئر؟

تِلْكَ اِذًا قِسْمَةٌ ضِيْزٰى ㉓

٢٣. اها تہ نهايت ئي ناقص ورهاست آهي.

اِنْ هِيَ اِلَّآ اَسْمَآءٌ سَمَّيْتُمُوْهَآ اَنْتُمْ وَاٰبَآؤُكُمْ
مَّآ اَنْزَلَ اللّٰهُ بِهَا مِنْ سُلْطٰنٍ اِنْ يَّتَّبِعُوْنَ اِلَّا
الظَّنَّ وَمَا تَهْوَى الْاَنْفُسُ وَلَقَدْ جَآءَهُمْ مِّنْ
رَّبِّهِمُ الْهُدٰى ㉓

٢٤. اهي تہ ڪجهہ نالا آهن جيڪي توهان ۽ توهانجن ابن ڏاڏن رکيا آهن (نہ تہ انهن ۾ حقيقت ڪجهہ بہ نہ آهي) الله انهن (بتن) جيلاءِ ڪوبہ دليل نہ لاٿو آهي.اهي صرف هک وهم جي ۽ نفساني خواهش جي پيروي ڪري رهيا آهن . ۽ انهن وٽ سندن رب جي طرفان هدايت اچي چڪي آهي(پر تڏهين بہ نٿا سمجهن)

اَمْ لِلْاِنْسَانِ مَا تَمَنّٰى ㉕

٢٥. ڇا انسان جيڪا خواهش ڪري انهيءَ کي ملي وڃي ٿي:

فَلِلّٰهِ الْاٰخِرَةُ وَالْاُوْلٰى ㉖ ع

٢٦. سو ياد رکو تہ آخرت ۽ دنيا جون سڀ نعمتون الله ئي جي قبضي ۾ آهن.

وَكَمْ مِّنْ مَّلَكٍ فِي السَّمٰوٰتِ لَا تُغْنِيْ شَفَاعَتُهُمْ
شَيْئًا اِلَّا مِنْ بَعْدِ اَنْ يَّاْذَنَ اللّٰهُ لِمَنْ يَّشَآءُ وَ
يَرْضٰى ㉗

٢٧. ۽ آسمان ۾ ڪيترائي فرشتا آهن جن جي شفاعت (ڪنهن کي) ڪو فائدو نٿي پهچائي سواءِ انهيءَ جي جو الله ائين ڪرڻ جي انهيءَ شخص متعلق اجازت ڏئي، جنهن کي هو پنهن جي مرضي جي مطابق سمجهندو هجي ۽ پسند ڪندو هجي.

إِنَّ الَّذِينَ لَا يُؤْمِنُونَ بِالْآخِرَةِ لَيُسَمُّونَ الْمَلَائِكَةَ تَسْمِيَةَ الْأُنْثَىٰ ﴿۲۸﴾

۲۸- جيڪي ماڻهو آخرت تي ايمان نٿا آڻين، اهي فرشتن جا عورتن جهڙا نالا رکن ٿا.

وَمَا لَهُمْ بِهِ مِنْ عِلْمٍ ۖ إِنْ يَتَّبِعُونَ إِلَّا الظَّنَّ ۖ وَإِنَّ الظَّنَّ لَا يُغْنِي مِنَ الْحَقِّ شَيْئًا ﴿۲۹﴾

۲۹- ۽ هنن کي انهيءَ باري ۾ ڪوبه علم ڪونهي، اهي صرف هٿ وهم ۾ مبتلا آهن ۽ وهم حق جي مقابلي ۾ ڪجهه به فائدو نٿو ڏئي.

فَأَعْرِضْ عَنْ مَنْ تَوَلَّىٰ عَنْ ذِكْرِنَا وَلَمْ يُرِدْ إِلَّا الْحَيَاةَ الدُّنْيَا ﴿۳۰﴾

۳۰- ۽ جيڪو ماڻهو اسانجي ذڪر کان منهن ڦيري ٿو وڃي ۽ سواءِ دنيا جي زندگيءَ جي ٻيو ڪجهه نٿو گهري تون به انهيءَ کان منهن ڦيرائي ڇڏ ۽ انهيءَ جي پيروي نه ڪر.

ذَٰلِكَ مَبْلَغُهُمْ مِنَ الْعِلْمِ ۚ إِنَّ رَبَّكَ هُوَ أَعْلَمُ بِمَنْ ضَلَّ عَنْ سَبِيلِهِ وَهُوَ أَعْلَمُ بِمَنِ اهْتَدَىٰ ﴿۳۱﴾

۳۱- اها انهن ماڻهن جي علم جي انتها آهي. تنهن جو رب يقينن انهيءَ شخص کي چڱيءَ طرح ڄاڻي ٿو جيڪو انهيءَ جي رستي کان ڀٽڪي وڃي ٿو ۽ انهيءَ کي چڱيءَ طرح ڄاڻي ٿو جيڪو سڌي رستي کي اختيار ڪري وڃي ٿو.

وَلِلَّهِ مَا فِي السَّمَاوَاتِ وَمَا فِي الْأَرْضِ لِيَجْزِيَ الَّذِينَ أَسَاءُوا بِمَا عَمِلُوا وَيَجْزِيَ الَّذِينَ أَحْسَنُوا بِالْحُسْنَى ﴿۳۲﴾

۳۲- ۽ آسمانن ۽ زمين ۾ جيڪي ڪجهه آهي سڀ الله جي قبضي ۾ آهي انهيءَ جو اهو نتيجو ٿيندو آهي جو جن بدي ڪئي اهو انهيءَ جي عمل جي مطابق انهن کي بدلو ڏئي ٿو ۽ جن نيڪي ڪئي انهن کي نيڪ بدلا ڏئي ٿو.

الَّذِينَ يَجْتَنِبُونَ كَبَائِرَ الْإِثْمِ وَالْفَوَاحِشَ إِلَّا اللَّمَمَ ۚ إِنَّ رَبَّكَ وَاسِعُ الْمَغْفِرَةِ ۚ هُوَ أَعْلَمُ بِكُمْ إِذْ أَنْشَأَكُمْ مِنَ الْأَرْضِ وَإِذْ أَنْتُمْ أَجِنَّةٌ فِي بُطُونِ أُمَّهَاتِكُمْ ۖ فَلَا تُزَكُّوا أَنْفُسَكُمْ ۖ هُوَ أَعْلَمُ بِمَنِ اتَّقَىٰ ﴿۳۳﴾

۳۳- (يعني) اهڙا ماڻهو جيڪي وڏن وڏن گناهن ۽ ظاهر ظهور بدڪارين کان بچندا رهن ٿا پر اهو جو ٿورڙو (گناهه کي) ڇهي وڃن (نه پڇتائڻ لڳن) تنهن جو رب وڏي ڪشادي بخشش وارو آهي. هو انهيءَ وقت کان توهانکي چڱيءَ طرح ڄاڻيٿو جڏهين هن توهانکي زمين مان پيدا ڪيو ۽ جڏهين توهان پنهن جن مائرن جي پيٽ ۾ ڍڪيل هئا پوءِ

پنهن جي جانين کي پاڪ نه ٺهرايو ـ متقين کي الله ئي چڱيءَ طرح ڄاڻي ٿو.

اَفَرَءَيۡتَ الَّذِىۡ تَوَلّٰىۙ ﴿۳۳﴾

٣٤ـ ڇا تون انهيءَ ماڻهو کي ڏٺين ٿو جنهن (تنهن جي وحيءَ کان) منهن ڦيري ڇڏيو.

وَاَعۡطٰى قَلِيۡلًا وَّاَكۡدٰى ﴿۳۴﴾

٣٥ـ ۽ (خدا جي رستي ۾) ٿورڙو ڏنو ۽ پوءِ ڪنجوسيءَ کان ڪم وٺڻ لڳو.

اَعِنۡدَهٗ عِلۡمُ الۡغَيۡبِ فَهُوَ يَرٰى ﴿۳۵﴾

٣٦ـ ڇا انهيءَ وٽ غيب جو علم آهي؟ ۽ اهو (پنهن جو انجام) ڏسي رهيو آهي.

اَمۡ لَمۡ يُنَبَّاۡ بِمَا فِىۡ صُحُفِ مُوۡسٰىۙ ﴿۳۶﴾
وَاِبۡرٰهِيۡمَ الَّذِىۡ وَفّٰٓىۙ ﴿۳۷﴾

٣٧ـ ٣٨ـ ڇا انهيءَ کي موسيٰ ۽ وفادار ابراهيم جي ڪتابن ۾ جيڪي ڪجهه آهي. انهيءَ جو علم نه ڏنو ويو آهي؟

اَلَّا تَزِرُ وَازِرَةٌ وِّزۡرَ اُخۡرٰىۙ ﴿۳۸﴾

٣٩ـ (جيڪو اهو آهي ته) ڪابه بوجو کڻڻ واري جان ٻئي جو بوجو نٿي کڻي سگهي.

وَاَنۡ لَّيۡسَ لِلۡاِنۡسَانِ اِلَّا مَا سَعٰىۙ ﴿۳۹﴾

٤٠ـ ۽ انسان کي اهوئي ملي ٿو جنهن جي هو ڪوشش ڪري ٿو.

وَاَنَّ سَعۡيَهٗ سَوۡفَ يُرٰى ﴿۴۰﴾

٤١ـ (پڻ انهن ڪتابن ۾ لکيل آهي ته) اهو (انسان) پنهن جي ڪوشش جو نتيجو ضرور ڏسندو؟

ثُمَّ يُجۡزٰٮهُ الۡجَزَآءَ الۡاَوۡفٰىۙ ﴿۴۱﴾

٤٢ـ ۽ انهيءَ کي پوري جزا ملي ويندي.

وَاَنَّ اِلٰى رَبِّكَ الۡمُنۡتَهٰىۙ ﴿۴۲﴾

٤٣ـ ۽ اهو به ته (گذريل ۽ موجوده سڀني قومن جو) آخري فيصلو تنهن جي رب جي هٿ ۾ ئي آهي.

وَاَنَّهٗ هُوَ اَضۡحَكَ وَاَبۡكٰىۙ ﴿۴۳﴾

٤٤ـ ۽ هي ته اهوئي کلائي ٿو ۽ اهوئي روئاري ٿو.

وَاَنَّهٗ هُوَ اَمَاتَ وَاَحۡيَاۙ ﴿۴۴﴾

٤٥ـ ۽ اهوئي ماري ٿو ۽ اهوئي زنده ڪري ٿو.

وَاَنَّهٗ خَلَقَ الزَّوۡجَيۡنِ الذَّكَرَ وَالۡاُنۡثٰىۙ ﴿۴۵﴾
مِنۡ نُّطۡفَةٍ اِذَا تُمۡنٰى ﴿۴۶﴾

٤٦ـ ٤٧ـ ۽ انهيءَ نطفي مان،جڏهن اهو (ماءُ جي پيٽ ۾) ڪيرايو وڃي ٿو (سڀني جان وارن کي) نر ۽ ماديءَ جي شڪل ۾ پيدا ڪيو آهي.

وَاَنَّ عَلَيۡهِ النَّشۡاَةَ الۡاُخۡرٰىۙ ﴿۴۷﴾

٤٨ـ ۽ اهو به ته ٻيهر پيدا ڪرڻ به

انهيءَ جي ذمي آهي.

وَاَنَّهٗ هُوَ اَغْنٰى وَاَقْنٰى ۝٤٩

٤٩- ۽ اهو ئي آهي جيڪو آسودو بنائي ٿو ۽ اهوئي غريب بنائي ٿو.

وَاَنَّهٗ هُوَ رَبُّ الشِّعْرٰى ۝٥٠

٥٠- ۽ اهوئي شعريٰ (تاري) جو مالڪ آهي.

وَاَنَّهٗٓ اَهْلَكَ عَادَا ۨالْاُوْلٰى ۝٥١

٥١- ۽ انهيءَ ئي سڀني کان پهرين عاد قوم کي تباهه ڪيو هو.

وَثَمُوْدَا۟ فَمَآ اَبْقٰى ۝٥٢

٥٢- ۽ ان کانپوءِ ثمود کي به (جيڪا عاد قوم جو ئي هڪ حصو هئي) ۽ (عذاب) انهن جو ڪجهه به نه ڇڏيو هو.

وَقَوْمَ نُوْحٍ مِّنْ قَبْلُ ۭ اِنَّهُمْ كَانُوْا هُمْ اَظْلَمَ وَاَطْغٰى ۝٥٣

٥٣- ۽ انهن کان پهرين نوح جي قوم کي به، اهي وڏو ظلم ڪندا هئا ۽ وڏا سرڪش هئا.

وَالْمُؤْتَفِكَةَ اَهْوٰى ۝٥٤

٥٤- ۽ اونڌو ڪيل بستين کي به.هن مٿان کان هيٺ ڪيرايو هو.

فَغَشّٰىهَا مَا غَشّٰى ۝٥٥

٥٥- پوءِ انهن کي انهيءَ شيءِ ڍڪي ڇڏيو هو جيڪا اهڙن موقعن تي ڍڪي ڇڏيندي آهي.

فَبِاَيِّ اٰلَاۗءِ رَبِّكَ تَتَمَارٰى ۝٥٦

٥٦- پوءِ تون پنهن جي رب جي نعمتن مان ڪهڙي ڪهڙي نعمت تي شڪ ڪندين.

هٰذَا نَذِيْرٌ مِّنَ النُّذُرِ الْاُوْلٰى ۝٥٧

٥٧- هيءَ اسانجو رسول به پهرين رسولن جي طرز تي هڪ رسول آهي.

اَزِفَتِ الْاٰزِفَةُ ۝٥٨

٥٨- (هن قوم جي فيصلي جي) گهڙي ويجهي اچي وئي آهي.

لَيْسَ لَهَا مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ كَاشِفَةٌ ۝٥٩

٥٩- الله کانسواءِ ڪا (هستي به) انهيءَ کي ٽاري نٿي سگهي.

اَفَمِنْ هٰذَا الْحَدِيْثِ تَعْجَبُوْنَ ۝٦٠

٦٠- ڇا توهان انهيءَ ڳالهه تي تعجب ڪيو ٿا؟

وَتَضْحَكُوْنَ وَلَا تَبْكُوْنَ ۝٦١

٦١- ۽ کلو ٿا ۽ رئو نٿا.

وَاَنْتُمْ سٰمِدُوْنَ ۝٦٢

٦٢- ۽ توهان حيران ٿيا بيٺا آهيو (ڪنهن صحيح فيصلي ڪرڻ تي قادر نه آهيو).

فَاسْجُدُوْا لِلّٰهِ وَاعْبُدُوْا ۝٦٣ السجدة

٦٣- (سو اٿو) ۽ الله جي اڳيان سجدو ڪيو ۽ انهيءَ جي عبادت ڪيو.

سُوْرَةُ الْقَمَرِ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ مَعَ الْبَسْمَلَةِ سِتٌّ وَّخَمْسُوْنَ اٰيَةً وَّثَلٰثَةُ رُكُوْعَاتٍ

سورت قمر- هي سورت مڪي آهي ۽ بسم الله سميت هن جون ڇاونجاهه آيتون ۽ ٽي رڪوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ①

١- (مان) الله جو نالو وٺي جيڪو بيحد ڪرم ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي (پڙهانٿو)

اِقْتَرَبَتِ السَّاعَةُ وَانْشَقَّ الْقَمَرُ ②

٢- (عرب جي) تباهيءَ جي گهڙي اچي ويئي آهي ۽ چنڊ ڦاٽي پيو آهي.

وَاِنْ يَّرَوْا اٰيَةً يُّعْرِضُوْا وَيَقُوْلُوْا سِحْرٌ مُّسْتَمِرٌّ ③

٣- ۽ جيڪڏهين اهي ڪو نشان ڏسندا ته ضرور منهن موڙيندا ۽ چوندا ته اهو رڳو هڪ دوکو آهي جيڪو هميشه کان هليو اچيٿو.

وَكَذَّبُوْا وَاتَّبَعُوْٓا اَهْوَآءَهُمْ وَكُلُّ اَمْرٍ مُّسْتَقِرٌّ ④

٤- ۽ انهن ڪوڙو ڪيو ۽ پنهن جن خواهشن جي پٺيان لڳي پيا ۽ هر ڪم جي لاءِ هڪ وقت مقرر هوندو آهي

وَلَقَدْ جَآءَهُمْ مِّنَ الْاَنْۢبَآءِ مَا فِيْهِ مُزْدَجَرٌ ⑤

٥- ۽ انهن وٽ اهڙيون حالتون پهچي چڪيون آهن جن ۾ ڇتاءَ جو سامان موجود هو.

حِكْمَةٌ بَالِغَةٌ فَمَا تُغْنِ النُّذُرُ ⑥

٦- پڻ اهڙيون حڪمت جون ڳالهيون به هيون جيڪي اثر ڪندڙ هيون - پر (افسوس جو) ڊيڄارڻ واري انهن کي ڪوبه فائدو نه ڏنو.

فَتَوَلَّ عَنْهُمْ يَوْمَ يَدْعُ الدَّاعِ اِلٰى شَيْءٍ نُّكُرٍ ⑦

٧- پوءِ تون انهن کان منهن ڦيري ڇڏ ۽ انهيءَ وقت جو انتظار ڪر ته پڪارڻ وارو ناپسند شيءِ (يعني عذاب) ڏانهن انهن کي پڪاريندو.

خُشَّعًا اَبْصَارُهُمْ يَخْرُجُوْنَ مِنَ الْاَجْدَاثِ كَاَنَّهُمْ جَرَادٌ مُّنْتَشِرٌ ⑧

٨- انهن جون اکيون جهڪيل هونديون - اهي قبرن مان نڪرندا اهڙيءَ طرح جو جڻ پکڙيل مکڙ آهن.

مُّهْطِعِيْنَ اِلَى الدَّاعِ يَقُوْلُ الْكٰفِرُوْنَ هٰذَا

٩- پڪارڻ واري ڏانهن ڀڄندا ويندا هوندا ۽ ڪافر هيءَ به چوندا ويندا ته وڏي تڪليف

يَوْمٌ عَسِرٌ ﴿٩﴾

جو ڏينهن آهي.

كَذَّبَتْ قَبْلَهُمْ قَوْمُ نُوحٍ فَكَذَّبُوا عَبْدَنَا وَقَالُوا مَجْنُونٌ وَازْدُجِرَ ﴿١٠﴾

١٠. انهن کان پهرين نوح جي قوم ڪوڙو ڪيو ۽ اسانجي ٻانهي کي ڪوڙو ڪيو ۽ چيو تہ هيءَ تہ چريو آهي ۽ (اسانجن ٻتن جي طرفان) انهيءَ تي ڌڪار وڌي ويئي آهي.

فَدَعَا رَبَّهُ أَنِّي مَغْلُوبٌ فَانْتَصِرْ ﴿١١﴾

١١. آخر انهي پنهن جي رب کان دعا ڪئي ۽ چيو، مونتي دشمن غلبو حاصل ڪري ورتو آهي پوءِ تون منهن جو بدلو وٺ.

فَفَتَحْنَا أَبْوَابَ السَّمَاءِ بِمَاءٍ مُنْهَمِرٍ ﴿١٢﴾

١٢. جنهن تي اسان ڪڪر جا دروازا هڪ جوش سان وهڻ واري پاڻي جي ذريعي کولي ڇڏيا.

وَفَجَّرْنَا الْأَرْضَ عُيُونًا فَالْتَقَى الْمَاءُ عَلَى أَمْرٍ قَدْ قُدِرَ ﴿١٣﴾

١٣. ۽ زمين ۾ بہ اسان چشما وهائي ڇڏيا. پوءِ (آسمان جو) پاڻي (زمين جي پاڻيءَ سان) هڪ اهڙي ڳالهہ جيلاءِ گڏجي ويو، جنهن جو فيصلو ٿي چڪو هو.

وَحَمَلْنَاهُ عَلَى ذَاتِ أَلْوَاحٍ وَدُسُرٍ ﴿١٤﴾

١٤. ۽ اسان انهيءَ (نوح) کي هڪ تختن ۽ ميخن واري شيءِ (يعني ٻيڙي) تي کڻي ورتو.

تَجْرِي بِأَعْيُنِنَا جَزَاءً لِمَنْ كَانَ كُفِرَ ﴿١٥﴾

١٥. اها اسانجن اکين جي اڳيان (اسانجي سنڀال هيٺ) هلندي هئي - هيءَ انهيءَ شخص جي جزا هئي جنهن جو انڪار ڪيو ويو هو.

وَلَقَدْ تَرَكْنَاهَا آيَةً فَهَلْ مِنْ مُدَّكِرٍ ﴿١٦﴾

١٦. ۽ اسان انهيءَ واقعي کي هڪ نشان طور (پوين قومن) لاءِ ڇڏيو. پوءِ ڇا ڪو نصيحت حاصل ڪرڻ وارو آهي؟

فَكَيْفَ كَانَ عَذَابِي وَنُذُرِ ﴿١٧﴾

١٧. ۽ ڏسو! منهن جو عذاب ۽ منهن جو ڊيڄارڻ ڪهڙو (سخت ۽ درست) هو.

وَلَقَدْ يَسَّرْنَا الْقُرْآنَ لِلذِّكْرِ فَهَلْ مِنْ مُدَّكِرٍ ﴿١٨﴾

١٨. اسان قرآن کي عمل جي لاءِ آسان بنايو آهي - پوءِ ڇا ڪو نصيحت حاصل ڪرڻ وارو آهي.

كَذَّبَتْ عَادٌ فَكَيْفَ كَانَ عَذَابِيْ وَنُذُرِ ﴿١٩﴾

١٩. عاد بہ (پنهن جي رسول جو) انڪار ڪيو هو، پوءِ ڏسو منهن جو عذاب ۽ منهن جو ڊيڄارڻ ڪهڙو هو؟ (يعني عذاب ڪهڙو سخت هو ۽ ڊيڄارڻ ڪهڙو سچو هو).

إِنَّآ أَرْسَلْنَا عَلَيْهِمْ رِيحًا صَرْصَرًا فِيْ يَوْمِ نَحْسٍ مُّسْتَمِرٍّ ﴿٢٠﴾

٢٠. اسان انهن تي هڪ اهڙي هوا موڪلي، جيڪا تيز هلڻ واري هئي ۽ هڪ دير تائين رهڻ واري منحوس وقت ۾ هلائي وئي هئي.

تَنْزِعُ النَّاسَ كَأَنَّهُمْ أَعْجَازُ نَخْلٍ مُّنْقَعِرٍ ﴿٢١﴾

٢١. اها ماڻهن کي ائين پٽي اڇلائيندي هئي - جڻ اهي کجيءَ جا اهڙا ٿڙ آهن جن جي اندران ڪِيٻ ڪاڌل هو.

فَكَيْفَ كَانَ عَذَابِيْ وَنُذُرِ ﴿٢٢﴾

٢٢. پوءِ ڏسو تہ منهنجو عذاب (ڪهڙو سخت) ۽ منهن جو ڊيڄارڻ ڪهڙو (سچو) هو.

وَلَقَدْ يَسَّرْنَا الْقُرْاٰنَ لِلذِّكْرِ فَهَلْ مِنْ مُّدَّكِرٍ ﴿٢٣﴾ ع

٢٣. ۽ اسان قرآن کي عمل ڪرڻ جي لاءِ آسان بنايو آهي پوءِ ڇا ڪو نصيحت حاصل ڪرڻ وارو آهي؟

كَذَّبَتْ ثَمُوْدُ بِالنُّذُرِ ﴿٢٤﴾

٢٤. ثمود بہ نبين جو انڪار ڪيو هو.

فَقَالُوْٓا أَبَشَرًا مِّنَّا وَاحِدًا نَّتَّبِعُهٗٓ إِنَّآ إِذًا لَّفِيْ ضَلٰلٍ وَّسُعُرٍ ﴿٢٥﴾

٢٥. ۽ چيو هو تہ ڇا اسان پاڻ مان ئي هڪ ماڻهوءَ جي (جيڪو اسان ڏانهن موڪليو ويو آهي) تابعداري ڪيون؟ جيڪڏهين اسان ائين ڪنداسين تہ وڏي گمراهي ۽ ٻرڻ واري عذاب ۾ پئجي وينداسين.

ءَأُلْقِيَ الذِّكْرُ عَلَيْهِ مِنْۢ بَيْنِنَا بَلْ هُوَ كَذَّابٌ أَشِرٌ ﴿٢٦﴾

٢٦. ڇا خدا جي وحي اسان مان (صرف) هن تي ئي نازل ڪئي وئي آهي؟ حقيقت هيءَ آهي تہ اهو ڏاڍو ڪوڙو ۽ متڪبر آهي.

سَيَعْلَمُوْنَ غَدًا مَّنِ الْكَذَّابُ الْأَشِرُ ﴿٢٧﴾

٢٧. (اسان چيو) اهو سڀاڻي (يعني اچڻ واري زماني ۾) ڄاڻي وٺندا تہ ڪير ڪوڙو ۽ متڪبر آهي.

إِنَّا مُرْسِلُوا النَّاقَةِ فِتْنَةً لَّهُمْ فَارْتَقِبْهُمْ

٢٨. (اسان انهن کي چيو تہ) اسان هڪ ڏاچي انهن جي آزمائش جي لاءِ موڪلڻ وارا

وَاصْطَبِرْ ﴿٢٧﴾

آهيون (پوءِ اي صالح) انهن جي پچاڙيءَ جو انتظار ڪر ۽ صبر ڪاڻ ڪم وٺ.

وَنَبِّئْهُمْ اَنَّ الْمَآءَ قِسْمَةٌۢ بَيْنَهُمْ ۚ كُلُّ شِرْبٍ مُّحْتَضَرٌ ﴿٢٩﴾

٢٩. ۽ انهن کي چؤ تہ پاڻي انهن جي ۽ تنهن جي وچ ۾ ورهايو ويو آهي - هر ڪو گروهہ پنهن جي پيئڻ جي وقت تي حاضر ٿيندو ڪري.

فَنَادَوْا صَاحِبَهُمْ فَتَعَاطٰى فَعَقَرَ ﴿٣٠﴾

٣٠. انهيءَ تي انهن پنهن جي سردار کي سڏيو جنهن تي هو آيو ۽ ڏاچيءَ جا ڪچ ڪپي ڇڏيائين.

فَكَيْفَ كَانَ عَذَابِىْ وَنُذُرِ ﴿٣١﴾

٣١. پوءِ ڏسو منهن جو عذاب ۽ منهن جو ڏيکارڻ ڪهڙو هو؟ (يعني منهن جو عذاب ڪهڙو سخت هو ۽ منهن جو ڏيکارڻ ڪهڙو سچو هو).

اِنَّآ اَرْسَلْنَا عَلَيْهِمْ صَيْحَةً وَّاحِدَةً فَكَانُوْا كَهَشِيْمِ الْمُحْتَظِرِ ﴿٣٢﴾

٣٢. اسان انهن تي هڪ ئي عذاب نازل ڪيو - ۽ اهي هڪ لوڙهي ٺاهڻ واري (وٿن مان) ڪيرايل چوري وانگر ٿي ويا.

وَلَقَدْ يَسَّرْنَا الْقُرْاٰنَ لِلذِّكْرِ فَهَلْ مِنْ مُّدَّكِرٍ ﴿٣٣﴾

٣٣. ۽ اسان قرآن کي عمل ڪرڻ جيلاءِ آسان بنايو آهي - پوءِ ڇا ڪو نصيحت حاصل ڪرڻ وارو آهي؟

كَذَّبَتْ قَوْمُ لُوْطٍ بِالنُّذُرِ ﴿٣٤﴾

٣٤. لوط جي قوم بہ نبين کي ڪوڙو ڪيو هو.

اِنَّآ اَرْسَلْنَا عَلَيْهِمْ حَاصِبًا اِلَّآ اٰلَ لُوْطٍ ۖ نَجَّيْنٰهُمْ بِسَحَرٍ ﴿٣٥﴾

٣٥. اسان انهن جي تباهہ ڪرڻ جيلاءِ بہ پٿرين سان پريل هوا هلائي (جنهن لوط جي آل کانسواءِ سڀني کي تباهہ ڪري ڇڏيو) ها صبح جي وقت (جڏهين اهو عذاب آيو تہ) اسان لوط جي خاندان کي بچائي ورتو.

نِّعْمَةً مِّنْ عِنْدِنَا ۭ كَذٰلِكَ نَجْزِىْ مَنْ شَكَرَ ﴿٣٦﴾

٣٦. اها اسانجي طرفان هڪ نعمت هئي - جيڪو شڪر ڪريٿو اسان انهيءَ کي اهڙيءَ طرح جزا ڏيندا آهيون.

وَلَقَدْ اَنْذَرَهُمْ بَطْشَتَنَا فَتَمَارَوْا بِالنُّذُرِ ﴿٣٧﴾

٣٧. ۽ انهي (لوط) انهن کي اسانجي عذاب

جي پهرين ئي خبر ڏيئي ڇڏي هئي - پري اهي نبين سان بحث ڪرڻ لڳي پيا.

وَلَقَدْ رَاوَدُوْهُ عَنْ ضَيْفِهٖ فَطَمَسْنَآ اَعْيُنَهُمْ فَذُوْقُوْا عَذَابِيْ وَنُذُرِ ﴿٣٨﴾

٣٨- ۽ انهن انهيءَ ڪي پنهن جن مهمانن جي خلاف برغلائڻ گهريو ۽ اسان انهن جي اکين تي پردو وجهي ڇڏيو ۽ چيو، منهن جي عذاب ۽ منهن جي ڊيڄارڻ جو مزو چکو.

وَلَقَدْ صَبَّحَهُمْ بُكْرَةً عَذَابٌ مُّسْتَقِرٌّ ﴿٣٩﴾

٣٩- ۽ صبح سان ئي انهن تي هڪ اهڙو عذاب اچي ويو جو اڇتو ئي هو.

فَذُوْقُوْا عَذَابِيْ وَنُذُرِ ﴿٤٠﴾

٤٠- (۽ اسان انهن کي چيو تہ) منهن جي عذاب ۽ منهن جي ڊيڄارڻ جو مزو چکو.

وَلَقَدْ يَسَّرْنَا الْقُرْاٰنَ لِلذِّكْرِ فَهَلْ مِنْ مُّدَّكِرٍ ﴿٤١﴾

٤١- اسان قرآن کي عمل ڪرڻ جيلاءِ آسان بنايو آهي - سو ڇا ڪو نصيحت حاصل وارو آهي؟

وَلَقَدْ جَآءَ اٰلَ فِرْعَوْنَ النُّذُرُ ﴿٤٢﴾

٤٢- ۽ آل فرعون وٽ بہ نبي آيا هئا.

كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا كُلِّهَا فَاَخَذْنٰهُمْ اَخْذَ عَزِيْزٍ مُّقْتَدِرٍ ﴿٤٣﴾

٤٣- مگر آل فرعون اسانجن سڀني آيتن کي ڪوڙو ڪيو جنهن تي اسان انهن کي هڪ غالب طاقتور وانگر عذاب سان پڪڙي ورتو.

اَكُفَّارُكُمْ خَيْرٌ مِّنْ اُولٰٓئِكُمْ اَمْ لَكُمْ بَرَآءَةٌ فِي الزُّبُرِ ﴿٤٤﴾

٤٤- (اي مڪي وارؤ!) ڇا توهان مان ڪفر ڪرڻ وارا انهن پهرين مائهن کان سٺا آهن يا پهرين ڪتابن ۾ توهان جي لاءِ عذاب کان حفاظت لکيل آهي؟

اَمْ يَقُوْلُوْنَ نَحْنُ جَمِيْعٌ مُّنْتَصِرٌ ﴿٤٥﴾

٤٥- ڇا اهي چون ٿا تہ اسان هڪ جماعت آهيون جيڪا غالب اچي رهندي.

سَيُهْزَمُ الْجَمْعُ وَيُوَلُّوْنَ الدُّبُرَ ﴿٤٦﴾

٤٦- انهن جي جماعت کي ويجهڙائيءَ ۾ شڪست ڏني ويندي ۽ پٺي ڦيري ڀڄي ويندا.

بَلِ السَّاعَةُ مَوْعِدُهُمْ وَالسَّاعَةُ اَدْهٰى وَاَمَرُّ ﴿٤٧﴾

٤٧- پر انهن جي تباهيءَ جي گهڙيءَ جو واعدو ڪيو ويو آهي ۽ اها وعدي جي گهڙي وڏي برباد ڪرڻ واري ۽ سخت هوندي.

| | |
|---|---|
| اِنَّ الْمُجْرِمِيْنَ فِيْ ضَلٰلٍ وَّسُعُرٍ ﴿٤٨﴾ | ٤٨. ڏوهاري ماڻهو گمراهي ۽ ساڙڻ واري عذاب ۾ مبتلا هوندا. |
| يَوْمَ يُسْحَبُوْنَ فِي النَّارِ عَلٰى وُجُوْهِهِمْ ؕ ذُوْقُوْا مَسَّ سَقَرَ ﴿٤٩﴾ | ٤٩. جنهن ڏينهن اهي پنهن جن سردارن سميت باهه ۾ گهليا ويندا (۽ انهن کي چيو ويندو) تہ دوزخ جو عذاب چکو. |
| اِنَّا كُلَّ شَيْءٍ خَلَقْنٰهُ بِقَدَرٍ ﴿٥٠﴾ | ٥٠. اسان هر شيءِ کي اندازي جي مطابق پيدا ڪيو آهي |
| وَمَاۤ اَمْرُنَاۤ اِلَّا وَاحِدَةٌ كَلَمْحٍۭ بِالْبَصَرِ ﴿٥١﴾ | ٥١. ۽ اسانجو حڪم اک ڇنڀ وانگر هڪدم پورو ٿي وڃيٿو. |
| وَلَقَدْ اَهْلَكْنَاۤ اَشْيَاعَكُمْ فَهَلْ مِنْ مُّدَّكِرٍ ﴿٥٢﴾ | ٥٢. ۽ اسان توهان جهڙن ماڻهن کي پهرين بہ تباهہ ڪري چڪا آهيون ۽ ڇا (انهيءَ ڳالهہ کي جاڻي) ڪو نصيحت حاصل ڪرڻ وارو آهي؟ |
| وَكُلُّ شَيْءٍ فَعَلُوْهُ فِي الزُّبُرِ ﴿٥٣﴾ | ٥٣. ۽ هر ڪو ڪم جيڪو هنن ڪيو آهي اهو ڪتابن ۾ موجود آهي. |
| وَكُلُّ صَغِيْرٍ وَّكَبِيْرٍ مُّسْتَطَرٌ ﴿٥٤﴾ | ٥٤. ۽ ننڍي ۽ وڏي ڳالهہ لکيل آهي. |
| اِنَّ الْمُتَّقِيْنَ فِيْ جَنّٰتٍ وَّنَهَرٍ ﴿٥٥﴾ | ٥٥. (۽) مومن جنتن ۾ ۽ قسم قسم جي آسودگين ۾ هوندا. |
| فِيْ مَقْعَدِ صِدْقٍ عِنْدَ مَلِيْكٍ مُّقْتَدِرٍ ﴿٥٦﴾ | ٥٦. هڪ اهڙي جڳهہ ۾ جيڪا هميشہ رهڻ واري هوندي (۽ اهي) قدرت رکڻ واري بادشاهہ وٽ (هوندا) (يعني اهي ڪڏهين بہ خواري ۽ زوال جو منهن نہ ڏسندا). |

سُوْرَةُ الرَّحْمٰنِ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ مَعَ الْبَسْمَلَةِ تِسْعٌ وَّسَبْعُوْنَ اٰيَةً وَّثَلٰثُ رُكُوْعَاتٍ

سورت رحمان - هي سورت مکي آهي ۽ بسم الله سميت هن جون اٺاسي آيتون ۽ ٽي رکوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ①

١. (مان) الله جو نالو وٺي شروع ڪريان ٿو جيڪو بيحد ڪرم ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي (پڙهانٿو)

اَلرَّحْمٰنُ ②

٢. (اهو) رحمان (خدا) ئي آهي.

عَلَّمَ الْقُرْاٰنَ ③

٣. جنهن قرآن سيکاريو آهي.

خَلَقَ الْاِنْسَانَ ④

٤. انهيءَ انسان کي بنايو.

عَلَّمَهُ الْبَيَانَ ⑤

٥. ۽ انهيءَ کي فصاحت ۽ بيان بخشيو.

اَلشَّمْسُ وَالْقَمَرُ بِحُسْبَانٍ ⑥

٦. سج ۽ چنڊ هڪ مقرر قاعدي جي مطابق هلي رهيا آهن.

وَّالنَّجْمُ وَالشَّجَرُ يَسْجُدٰنِ ⑦

٧. ۽ جڙي ٻوٽيون ۽ وڻ به خدا جي اڳيان نميل آهن.

وَالسَّمَآءَ رَفَعَهَا وَوَضَعَ الْمِيْزَانَ ⑧

٨. ۽ آسمان کي اسان بلند ڪيو آهي ۽ بني نوع انسان جيلاءِ توازن جو اصول مقرر ڪري ڇڏيو آهي.

اَلَّا تَطْغَوْا فِى الْمِيْزَانِ ⑨

٩. (اهو چوندي) ته عدل جي ساهميءَ کي ڪڏهين نه جهڪايو.

وَاَقِيْمُوا الْوَزْنَ بِالْقِسْطِ وَلَا تُخْسِرُوا الْمِيْزَانَ ⑩

١٠. ۽ وزن کي انصاف سان قائم ڪيو ۽ تور کي گهٽ نه ڪيو.

وَالْاَرْضَ وَضَعَهَا لِلْاَنَامِ ⑪

١١. ۽ انهيءَ (خدا) زمين کي سڀني مخلوق جي فائدي جيلاءِ بنايو آهي.

فِيْهَا فَاكِهَةٌ وَّالنَّخْلُ ذَاتُ الْاَكْمَامِ ⑫

١٢. انهيءَ ۾ ميوا به آهن ۽ پوش واري ڦر جي ڪجين جا وڻ به (آهن).

وَالْحَبُّ ذُو الْعَصْفِ وَالرَّيْحَانُ ⑬

١٣. ۽ هن (زمين) ۾ ان به آهي جنهن جي مٿان تهه به هوندو آهي ۽ خوشبودار گل

بـہ آهن.

فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿١٤﴾

١٤- سو ٻڌايو تہ سهي تہ توهان ٻنهي (يعني جن ۽ انسان) پنهن جي رب جي نعمتن مان ڪهڙي ڪهڙي جو انڪار ڪندوء.

خَلَقَ الْاِنْسَانَ مِنْ صَلْصَالٍ كَالْفَخَّارِ ﴿١٥﴾

١٥- انسان کي هن وڄندڙ خشڪ مٽيءَ مان پيدا ڪيو آهي.

وَخَلَقَ الْجَآنَّ مِنْ مَّارِجٍ مِّنْ نَّارٍ ﴿١٦﴾

١٦- ۽ جنن کي باهہ جي شعلي مان پيدا ڪيو آهي.

فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿١٧﴾

١٧- پوء چئو, تہ توهان ٻنهي پنهن جي رب جي نعمتن مان ڪهڙي ڪهڙيءَ جو انڪار ڪندوء.

رَبُّ الْمَشْرِقَيْنِ وَرَبُّ الْمَغْرِبَيْنِ ﴿١٨﴾

١٨- اهو ٻنهي مشرقن جو بہ رب آهي ۽ ٻنهي مغربن جو بہ رب آهي.

فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿١٩﴾

١٩- هاڻي ٻڌايو تہ توهان ٻنهي پنهن جي رب جي نعمتن مان ڪهڙي ڪهڙيءَ جو انڪار ڪندوء.

مَرَجَ الْبَحْرَيْنِ يَلْتَقِيٰنِ ﴿٢٠﴾

٢٠- هن ٻن سمنڊن کي اهڙيءَ طرح هلايو آهي جو اهي هڪ وقت ۾ ملي ويندا.

بَيْنَهُمَا بَرْزَخٌ لَّا يَبْغِيٰنِ ﴿٢١﴾

٢١- (في الحال) انهن جي وچ ۾ هڪ پردو آهي جنهن جي سببان اهي هڪ ٻئي ۾ داخل نٿا ٿي سگهن.

فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٢٢﴾

٢٢- هاڻي ٻڌايو تہ توهان ٻنهي پنهن جي رب جي نعمتن مان ڪهڙي ڪهڙيءَ جو انڪار ڪندوء.

يَخْرُجُ مِنْهُمَا اللُّؤْلُؤُ وَالْمَرْجَانُ ﴿٢٣﴾

٢٣- انهن ٻنهي سمنڊن مان موتي ۽ مرجان نڪرن ٿا.

فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٢٤﴾

٢٤- پوء ٻڌايو تہ توهان ٻنهي پنهن جي رب جي نعمتن مان ڪهڙي ڪهڙيءَ جو انڪار ڪندوء.

وَلَهُ الْجَوَارِ الْمُنْشَئٰتُ فِي الْبَحْرِ

٢٥- ۽ انهيءَ جون ٺنايل ٻيڙيون (بہ آهن) ۽

كَالْاَعْلَامِ ﴿۲۵﴾
(انهيءَ جا بنايل) جهاز ٻہ آهن جيڪي سمنڊن ۾ جبلن وانگر ڏسڻ ۾ اچن ٿا.

فَبِاَيِّ اٰلَاۗءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿۲۶﴾ ربع
٢٦. سو ٻڌايو تہ توهان ٻنهي پنهن جي رب جي نعمتن مان ڪهڙي ڪهڙيءَ جو انڪار ڪندؤ.

كُلُّ مَنْ عَلَيْهَا فَانٍ ﴿۲۷﴾
٢٧. هن (يعني زمين) ۾ جيڪو بہ آهي آخر تباهہ ٿيڻ وارو آهي.

وَّيَبْقٰى وَجْهُ رَبِّكَ ذُو الْجَلٰلِ وَالْاِكْرَامِ ﴿۲۸﴾
٢٨. ۽ صرف اهو بچي ٿو جنهين ڏانهن تنهن جي جلال ۽ عزت واري خدا جو ڏيان هوندو.

فَبِاَيِّ اٰلَاۗءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿۲۹﴾
٢٩. هاڻي ٻڌايو تہ توهان ٻنهي پنهن جي رب جي نعمتن مان ڪهڙي ڪهڙيءَجو انڪار ڪندؤ.

يَسْـَٔلُهٗ مَنْ فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ كُلَّ يَوْمٍ هُوَ فِيْ شَاْنٍ ﴿۳۰﴾
٣٠. آسمانن ۽ زمين ۾ جيڪو بہ آهي سو انهيءَ کان پنهن جون ضرورتون طلب ڪري ٿو - هو هر وقت هڪ نئين حالت ۾ هوندو آهي.

فَبِاَيِّ اٰلَاۗءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿۳۱﴾
٣١. سو ٻڌايو تہ توهان ٻنهي پنهن جي رب جي نعمتن مان ڪهڙي ڪهڙيءَ جو انڪار ڪندؤ.

سَنَفْرُغُ لَكُمْ اَيُّهَ الثَّقَلٰنِ ﴿۳۲﴾
٣٢. اي ٻنهي زبردست طاقتو! اسان توهان ٻنهي جي لاءِ واندا ٿي رهيا آهيون.

فَبِاَيِّ اٰلَاۗءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿۳۳﴾
٣٣. پوءِ ٻڌايو تہ توهان ٻنهي پنهن جي رب جي نعمتن مان ڪهڙي ڪهڙيءَجو انڪار ڪندؤ.

يٰمَعْشَرَ الْجِنِّ وَالْاِنْسِ اِنِ اسْتَطَعْتُمْ اَنْ تَنْفُذُوْا مِنْ اَقْطَارِ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ فَانْفُذُوْا لَا تَنْفُذُوْنَ اِلَّا بِسُلْطٰنٍ ﴿۳۴﴾
٣٤. اي جن ۽ انسانن جا گروهہ! جيڪڏهين توهان طاقت رکو ٿا تہ آسمانن ۽ زمين جي ڪنارن کان نڪري ڀڄو تہ نڪري ڏيکاريو - توهان دليل کانسواءِ هرگز نٿا نڪري سگهو.

فَبِاَيِّ اٰلَاۗءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿۳۵﴾
٣٥. سو ٻڌايو! تہ توهان ٻنهي پنهن جي رب جي نعمتن مان ڪهڙي ڪهڙيءَجو انڪار

كندوءِ.

يُرۡسَلُ عَلَيۡكُمَا شُوَاظٌ مِّن نَّارٍ ۬ وَّ نُحَاسٌ فَلَا تَنۡتَصِرٰنِ ۝٣٥

٣٦. توهان ٻنهي تي باهہ جو هڪ شعلو ڪيرايو ويندو ۽ ٽامون بہ (ڪيرايو ويندو) پوءِ توهان ٻنهي هرگز غالب نہ اچي سگهو.

فَبِاَیِّ اٰلَآءِ رَبِّکُمَا تُکَذِّبٰنِ ۝٣٦

٣٧. هاڻي ٻڌايو تہ توهان ٻنهي پنهن جي رب جي نعمتن مان ڪهڙي ڪهڙيءَ جو انڪار ڪندوءِ.

فَاِذَا انۡشَقَّتِ السَّمَآءُ فَکَانَتۡ وَرۡدَةً کَالدِّهَانِ ۝٣٧

٣٨. جڏهين آسمان ڦاٽي پوندو ۽ ڳاڙهي چمڙي وانگر ٿي پوندو (اها آخري فيصلي جي گهڙي هوندي)

فَبِاَیِّ اٰلَآءِ رَبِّکُمَا تُکَذِّبٰنِ ۝٣٨

٣٩. هاڻي ٻڌايو تہ توهان ٻنهي پنهن جي رب جي نعمتن مان ڪهڙي ڪهڙي جو انڪار ڪندوءِ.

فَیَوۡمَئِذٍ لَّا یُسۡـَٔلُ عَنۡ ذَنۡۢبِهٖۤ اِنۡسٌ وَّ لَا جَآنٌّ ۝٣٩

٤٠. انهيءَ فيصلي جي ڏينهن نہ انسان کان انهيءَ جي گناهہ جي متعلق پڇيو ويندو نہ جن کان

فَبِاَیِّ اٰلَآءِ رَبِّکُمَا تُکَذِّبٰنِ ۝٤٠

٤١. هاڻي توهان ٻنهي ٻڌايو تہ سهي تہ توهان ٻنهي پنهن جي رب جي نعمتن مان ڪهڙي ڪهڙيءَ جو انڪار ڪندوءِ.

یُعۡرَفُ الۡمُجۡرِمُوۡنَ بِسِیۡمٰهُمۡ فَیُؤۡخَذُ بِالنَّوَاصِیۡ وَ الۡاَقۡدَامِ ۝٤١

٤٢. ڏوهاري پنهن جي منهن جي نشانين مان سڃاتا ويندا ۽ پنهن جي مٿي جي وارن ۽ پيرن کان پڪڙيا ويندا.

فَبِاَیِّ اٰلَآءِ رَبِّکُمَا تُکَذِّبٰنِ ۝٤٢

٤٣. هاڻي توهان ٻڌايو تہ توهان ٻنهي پنهن جي رب جي نعمتن مان ڪهڙي ڪهڙيءَ جو انڪار ڪندوءِ.

هٰذِهٖ جَهَنَّمُ الَّتِیۡ یُکَذِّبُ بِهَا الۡمُجۡرِمُوۡنَ ۝٤٣ نصف الربع

٤٤. هيءَ اهو جهنم آهي جنهن جو مجرم انڪار ڪن ٿا.

یَطُوۡفُوۡنَ بَیۡنَهَا وَ بَیۡنَ حَمِیۡمٍ اٰنٍ ۝٤٤

٤٥. (جڏهين انهيءَ ۾ داخل ٿيڻ جو ڏينهن ايندو) اهي انهيءَ (دوزخ) جي وچ ۽ ٽهڪندڙ پاڻيءَ جي وچ ۾ ڦري رهيا هوندا.

فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٤٦﴾ ع ٢ ١٢

٤٦. هائي چئو تہ توهان ٻئي پنهن جي رب جي نعمتن مان ڪهڙي ڪهڙيءَ جو انڪار ڪندو.

وَلِمَنْ خَافَ مَقَامَ رَبِّهٖ جَنَّتٰنِ ﴿٤٧﴾

٤٧. ۽ جيڪو شخص پنهن جي رب جي شان کان ڊڄي ٿو انهيءَ لاءِ ٻہ جنتون مقرر آهن (دنيوي ٻہ ۽ اخروي ٻہ)

فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٤٨﴾

٤٨. پوءِ ٻڌايو تہ سهي تہ توهان ٻئي پنهن. جي رب جي نعمتن مان ڪهڙي ڪهڙيءَ جو انڪار ڪندو.

ذَوَاتَآ اَفْنَانٍ ﴿٤٩﴾

٤٩. ٻئي جنتون ڪيترين ئي ٽارين واريون هونديون (يعني انهن جا وڻ ڏاڍا گهاٽا هوندا).

فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٥٠﴾

٥٠. پوءِ ٻڌايو تہ سهي تہ توهان ٻئي پنهن جي رب جي نعمتن مان ڪهڙي ڪهڙيءَ جو انڪار ڪندو.

فِيْهِمَا عَيْنٰنِ تَجْرِيٰنِ ﴿٥١﴾

٥١. انهن ٻنهي ۾ ٻہ چشما (پاڻيءَ جي ڪثرت سان) وهي رهيا هوندا.

فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٥٢﴾

٥٢. پوءِ ٻڌايو تہ سهي تہ توهان ٻئي پنهن جي رب جي نعمتن مان ڪهڙي ڪهڙيءَ جو انڪار ڪندو.

فِيْهِمَا مِنْ كُلِّ فَاكِهَةٍ زَوْجٰنِ ﴿٥٣﴾

٥٣. انهن ٻنهيءَ ۾ هر قسم جا ميوا ٻن ٻن قسمن جا هوندا.

فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٥٤﴾

٥٤. پوءِ ٻڌايو تہ توهان ٻئي پنهن جي رب جي نعمتن مان ڪهڙي ڪهڙيءَ جو انڪار ڪندو.

مُتَّكِـِٕيْنَ عَلٰى فُرُشٍۢ بَطَآئِنُهَا مِنْ اِسْتَبْرَقٍ ؕ وَجَنَا الْجَنَّتَيْنِ دَانٍ ﴿٥٥﴾

٥٥. (جنتي ماڻهو) فرش تي (اهڙا) وهاڻا لڳايو ويٺا هوندا جن جا استر استبرق جي پٽ جا هوندا ۽ ٻنهي باغن جا ميوا (ٻار ڪان) جهڪيل هوندا.

فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٥٦﴾

٥٦. سو ٻڌايو تہ توهان ٻئي پنهن جي رب جي نعمتن مان ڪهڙي ڪهڙيءَ جو انڪار

رب جي نعمتن مان ڪهڙي ڪهڙيءَ جو انڪار ڪندؤ؟

فِيهِمَا فَاكِهَةٌ وَنَخْلٌ وَرُمَّانٌ ﴿٦٩﴾

٦٩. انهن ۾ ميوا بہ هوندا ۽ ڪجيون ۽ ڏاڙهون بہ

فَبِأَيِّ آلَاءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبَانِ ﴿٧٠﴾

٧٠. پوءِ ٻنهي تہ توهان ٻنهي پنهن جي رب جي نعمتن مان ڪهڙي ڪهڙيءَ جو انڪار ڪندؤ؟

فِيهِنَّ خَيْرَاتٌ حِسَانٌ ﴿٧١﴾

٧١. انهن باغن ۾ نيڪ ۽ خوبصورت عورتون هونديون.

فَبِأَيِّ آلَاءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبَانِ ﴿٧٢﴾

٧٢. سو ٻڌايو تہ توهان ٻنهي پنهن جي رب جي نعمتن مان ڪهڙي ڪهڙيءَ جو انڪار ڪندؤ؟

حُورٌ مَقْصُورَاتٌ فِي الْخِيَامِ ﴿٧٣﴾

٧٣. اهي عورتون ڪارين اکين واريون هونديون (۽) تنبن ۾ رکيون ويون هونديون.

فَبِأَيِّ آلَاءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبَانِ ﴿٧٤﴾

٧٤. پوءِ ٻڌايو توهان ٻنهي پنهنجي رب جي نعمت مان ڪهڙي ڪهڙيءَ جو انڪار ڪندؤ.

لَمْ يَطْمِثْهُنَّ إِنْسٌ قَبْلَهُمْ وَلَا جَانٌّ ﴿٧٥﴾

٧٥. نہ تہ (انهن کي جنت ۾ داخل ٿيڻ واري جن ۽ انسان مان) پهرين ڪنهن انسان ڇهيو هوندو نہ جن.

فَبِأَيِّ آلَاءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبَانِ ﴿٧٦﴾

٧٦. پوءِ ٻڌايو تہ سهي تہ توهان ٻنهي پنهن جي رب جي نعمتن مان ڪهڙي ڪهڙيءَ جو انڪار ڪندؤ.

مُتَّكِئِينَ عَلَىٰ رَفْرَفٍ خُضْرٍ وَعَبْقَرِيٍّ حِسَانٍ ﴿٧٧﴾

٧٧. اهي (جنتي) تنبوءَ جي ساون فرشن تي جيڪي نهايت اعليٰ هوندا ۽ خوبصورت هوندا وهاڻا لڳايو ويٺا هوندا.

فَبِأَيِّ آلَاءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبَانِ ﴿٧٨﴾

٧٨. پوءِ ٻڌايو تہ سهي تہ توهان ٻنهي پنهنجي رب جي نعمتن مان ڪهڙي ڪهڙيءَ جو انڪار ڪندؤ.

تَبَارَكَ اسْمُ رَبِّكَ ذِي الْجَلَالِ وَالْإِكْرَامِ ﴿٧٩﴾ ع

٧٩. تنهن جي جلال ۽ عزت واري رب جو نالو وڏي برڪت وارو آهي.

## سُوْرَةُ الْوَاقِعَةِ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ مَعَ الْبَسْمَلَةِ سَبْعٌ وَّ تِسْعُوْنَ اٰيَةً وَّثَلٰثَةُ رُكُوْعَاتٍ

سورت واقعہ ۔ هيءَ سورت مڪي آهي ۽ بسم الله سميت هن جون ستانوي آيتون ۽ ٽي رڪوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ①

١۔ (مان) الله جو نالو وٺي جيڪو بيحد ڪرم ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي (پڙهانٿو)

اِذَا وَقَعَتِ الْوَاقِعَةُ ②

٢۔ جڏهين اها (ڳالهہ) جنهن جي اٽل هئڻ جو فيصلو آهي عملن ٿي ويندي.

لَيْسَ لِوَقْعَتِهَا كَاذِبَةٌ ③

٣۔ انهيءَ جي واقع ٿيڻ کي پنهن جي وقت کان ٽارڻ واري ڪابہ (شئي) نہ آهي.

خَافِضَةٌ رَّافِعَةٌ ④

٤۔ اها ڪن کي هيٺ ڪرڻ واري ۽ ڪن کي مٿي ڪرڻ واري آهي.

اِذَا رُجَّتِ الْاَرْضُ رَجًّا ⑤

٥۔ جنهن ڏينهن ملڪ کي لوڏو وجهي ڇڏبو.

وَّ بُسَّتِ الْجِبَالُ بَسًّا ⑥

٦۔ ۽ جبلن کي ذرا ذرا ڪيو ويندو.

فَكَانَتْ هَبَآءً مُّنْبَثًّا ⑦

٧۔ سو اهي اهڙا ٿي ويندا جهڙا هوا ۾ چوطرف اڏامڻ وارا سنها ذرا.

وَّكُنْتُمْ اَزْوَاجًا ثَلٰثَةً ⑧

٨۔ ۽ توهان ٽن گروهن ۾ تقسيم ٿي ويندؤ.

فَاَصْحٰبُ الْمَيْمَنَةِ ۙ۬ مَآ اَصْحٰبُ الْمَيْمَنَةِ ⑨

٩۔ هڪ تہ ساڄي هٿ وارا هوندا ۽ توکي ڇا معلوم تہ ساڄي هٿ وارا ڪيئن هوندا؟

وَاَصْحٰبُ الْمَشْـَٔمَةِ ۙ۬ مَآ اَصْحٰبُ الْمَشْـَٔمَةِ ⑩

١٠۔ ۽ هڪ کابي هٿ وارا ۽ توکي ڇا معلوم تہ کابي هٿ وارا ڪيئن هوندا

وَالسّٰبِقُوْنَ السّٰبِقُوْنَ ⑪

١١۔ ۽ هڪ گروهہ (ايمان ۽ عمل ۾) اڳتي نڪري وڃڻ وارن جو هوندو، سو اهي تہ بهرحال ٻين کان اڳتي ئي رهندا.

اُولٰٓئِكَ الْمُقَرَّبُوْنَ ⑫

١٢۔ ۽ اهي ماڻهو (خدا جا) مقرب هوندا.

فِيْ جَنّٰتِ النَّعِيْمِ ⑬

١٣۔ نعمت وارين جنتن ۾ (رهندا)

ثُلَّةٌ مِّنَ الْاَوَّلِيْنَ ⑭

١٤۔ پهرين ايمان آڻڻ وارن ۾ انهن جو تعداد

زيادهہ هوندو.

وَ قَلِيْلٌ مِّنَ الْاٰخِرِيْنَ ﴿١٥﴾

١٥- ۽ بعد ۾ ايمان آڻڻ وارن مان انهن جو تعداد ٿورو هوندو.

عَلٰى سُرُرٍ مَّوْضُوْنَةٍ ﴿١٦﴾ مُّتَّكِـِٕيْنَ عَلَيْهَا مُتَقٰبِلِيْنَ ﴿١٧﴾

١٦- ١٧- اهي اٽيل تختن تي وهاڻا لڳائي آمهون سامهون ويٺا هوندا.

يَطُوْفُ عَلَيْهِمْ وِلْدَانٌ مُّخَلَّدُوْنَ ﴿١٨﴾

١٨- انهن وٽ خدمت جي لاءِ ڪثرت سان نوجوان خادم ايندا جيڪي هميشه پنهن جي نيڪيءَ تي قائم رکيا ويندا.

بِاَكْوَابٍ وَّ اَبَارِيْقَ ۙ وَ كَاْسٍ مِّنْ مَّعِيْنٍ ﴿١٩﴾

١٩- (اهي) گلاس ۽ ڪوزا ۽ چشمن مان ڀريل پيالا کڻي (ايندا)

لَّا يُصَدَّعُوْنَ عَنْهَا وَ لَا يُنْزِفُوْنَ ﴿٢٠﴾

٢٠- (انهن پيالن ۽ آبخورن کي پي وٺي) نہ تہ جنتين کي خمار ٿيندو ۽ نہ اهي بيهودو ڪلام ڪندا!

وَ فَاكِهَةٍ مِّمَّا يَتَخَيَّرُوْنَ ﴿٢١﴾

٢١- (۽ اهڙيءَ طرح نوجوان خادم) انهن (جنتين) وٽ اهڙن ميون جا ٿالهہ کڻي ايندا جن کي اهي پسند ڪندا.

وَ لَحْمِ طَيْرٍ مِّمَّا يَشْتَهُوْنَ ﴿٢٢﴾

٢٢- ۽ پکين مان انهن پکين جو گوشت جن کي اهي (جنتي) پسند ڪندا.

وَ حُوْرٌ عِيْنٌ ﴿٢٣﴾

٢٣- ۽ ڪارين پتلين واريون ۽ وڏين اکين واريون عورتون هونديون.

كَاَمْثَالِ اللُّؤْلُؤِ الْمَكْنُوْنِ ﴿٢٤﴾

٢٤- جيڪي محفوظ موتين وانگر هونديون (جيڪي سندن قيمتي هئڻ سبب لڪائي رکيا ويندا آهن)

جَزَآءًۢ بِمَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿٢٥﴾

٢٥- اهو سڀ ڪجههہ مومنن جي عملن جي سببان جزا جي طور تي ملندو.

لَا يَسْمَعُوْنَ فِيْهَا لَغْوًا وَّ لَا تَاْثِيْمًا ﴿٢٦﴾

٢٦- اهي (مومن) جنتن ۾ نہ تہ ڪا بيهودي ڳالهہ ٻڌندا ۽ نہ گناهہ جو لفظ

اِلَّا قِيْلًا سَلٰمًا سَلٰمًا ﴿٢٧﴾

٢٧- ها پر اهڙو قول ٻڌاندا جيڪو سلام (يعني سلامتي جي دعا) تي مشتمل هوندو.

وَاَصْحٰبُ الْيَمِيْنِ ۙ۬ مَآ اَصْحٰبُ الْيَمِيْنِ ؕ﴿۲۸﴾

٢٨- ۽ (تون) ساڄي طرف جي ماڻهن جو ٻـه حال ٻڌ ۽ توکي ڇا معلوم آهي تـه ساڄي طرف جا ماڻهو ڪير آهن؟

فِيْ سِدْرٍ مَّخْضُوْدٍ ۙ﴿۲۹﴾

٢٩- اهي ٻنان ڪنڊن جي ٻيرن جي باغن ۾ رهندا.

وَّ طَلْحٍ مَّنْضُوْدٍ ۙ﴿۳۰﴾

٣٠- ۽ ڪيلن (جي باغن) ۾ جن جون ڦريون هڪ ٻئي تي چڙهيل هونديون

وَّ ظِلٍّ مَّمْدُوْدٍ ۙ﴿۳۱﴾

٣١- ۽ اهڙي ڇانئن ۾ جيڪا تمام ڊگهي هوندي.

وَّ مَآءٍ مَّسْكُوْبٍ ۙ﴿۳۲﴾

٣٢- ۽ اهڙن پاڻين ۾ جيڪي ڪيرايا ويندا هوندا.

وَّ فَاكِهَةٍ كَثِيْرَةٍ ۙ﴿۳۳﴾

٣٣- ۽ گهڻن ئي ميون ۾

لَّا مَقْطُوْعَةٍ وَّ لَا مَمْنُوْعَةٍ ۙ﴿۳۴﴾

٣٤- نـه تـه اهي کپيا ويندا ۽ نـه انهن کان انهن (جنتين) کي روڪيو ويندو (يعني اهي انهن جي ئي ملڪيت قرار ڏنا ويندا)

وَّ فُرُشٍ مَّرْفُوْعَةٍ ؕ﴿۳۵﴾

٣٥- ۽ شاندار زالن سان گڏ رهندا.

اِنَّآ اَنْشَاْنٰهُنَّ اِنْشَآءً ۙ﴿۳۶﴾

٣٦- اسان ئي انهن کي نئاهي رکيو آهي.

فَجَعَلْنٰهُنَّ اَبْكَارًا ۙ﴿۳۷﴾

٣٧- ۽ ڪنواريون پيدا ڪيون آهن.

عُرُبًا اَتْرَابًا ۙ﴿۳۸﴾

٣٨- نهايت خوبصورت ۽ جنتين جون هم عمر

لِّاَصْحٰبِ الْيَمِيْنِ ؕ﴿۳۹﴾ ١ ع ٣٩ ١٣

٣٩- (جن کي) ساڄي طرف واري گروهـ جي لاءِ (پيدا ڪيو ويو آهي)

ثُلَّةٌ مِّنَ الْاَوَّلِيْنَ ۙ﴿۴۰﴾

٤٠- هيءَ گروهـ شروع ۾ ايمان آڻڻ وارن ماڻهن مان ٻـه ڪثرت سان هوندو.

وَثُلَّةٌ مِّنَ الْاٰخِرِيْنَ ؕ﴿۴۱﴾

٤١- ۽ آخر ۾ ايمان آڻڻ وارن ماڻهن مان ٻـه ڪثرت سان هوندو

وَ اَصْحٰبُ الشِّمَالِ ۙ۬ مَآ اَصْحٰبُ الشِّمَالِ ؕ﴿۴۲﴾

٤٢- ۽ کاٻي طرف وارن (ماڻهن جو ٻـه حال ٻڌ) ۽ توکي ڇا معلوم آهي تـه کاٻي طرف جا ماڻهو ڪيئن هوندا؟

فِيْ سَمُوْمٍ وَّحَمِيْمٍ ﴿٤٣﴾

٤٣۔ اهي گرم هوائن ۽ گرم پاڻين ۾ رهندا.

وَّظِلٍّ مِّنْ يَّحْمُوْمٍ ﴿٤٤﴾

٤٤۔ ۽ اهڙي پاڇي ۾ رهندا جيڪو ڪاري دونهين وانگر هوندو.

لَّا بَارِدٍ وَّلَا كَرِيْمٍ ﴿٤٥﴾

٤٥۔ نه اهو ٿڌو هوندو ۽ نه انهيءَ جي هيٺان رهڻ عزت بخشيندو.

اِنَّهُمْ كَانُوْا قَبْلَ ذٰلِكَ مُتْرَفِيْنَ ﴿٤٦﴾

٤٦۔ اهي انهيءَ کان پهرين دنيا ۾ وڏي آرام سان رهندا هئا.

وَكَانُوْا يُصِرُّوْنَ عَلَى الْحِنْثِ الْعَظِيْمِ ﴿٤٧﴾

٤٧۔ ۽ وڏي گناهه (يعني شرڪ) تي ضد ڪندا هئا.

وَكَانُوْا يَقُوْلُوْنَ اَئِذَا مِتْنَا وَكُنَّا تُرَابًا وَّ
عِظَامًا ءَاِنَّا لَمَبْعُوْثُوْنَ ﴿٤٨﴾

٤٨۔ اهي چوندا هئا ته ڇا جڏهين اسان مري ويندا سين ۽ مٽي ۽ هڏا بنجي ويندا سين ڇا اسانکي وري زنده ڪري اٿاريو ويندو.

اَوَ اٰبَآؤُنَا الْاَوَّلُوْنَ ﴿٤٩﴾

٤٩۔ يا اسانجن ابن ڏاڏن مان به اهوئي معاملو ٿيندو.

قُلْ اِنَّ الْاَوَّلِيْنَ وَالْاٰخِرِيْنَ ﴿٥٠﴾

٥٠۔ تون چؤ ته پهريان به ۽ پويان به

لَمَجْمُوْعُوْنَ اِلٰى مِيْقَاتِ يَوْمٍ مَّعْلُوْمٍ ﴿٥١﴾

٥١۔ سڀيئي هڪ معلوم ڏينهن جي واعدي ڏانهن گڏ ڪري نيا ويندا.

ثُمَّ اِنَّكُمْ اَيُّهَا الضَّآلُّوْنَ الْمُكَذِّبُوْنَ ﴿٥٢﴾

٥٢۔ پوءِ توهان اي ڪوڙو چوڻ وارا گمراهوا

لَاٰكِلُوْنَ مِنْ شَجَرٍ مِّنْ زَقُّوْمٍ ﴿٥٣﴾

٥٣۔ ٿوهر جي وڻ مان کائيندوءِ.

فَمَالِـُٔوْنَ مِنْهَا الْبُطُوْنَ ﴿٥٤﴾

٥٤۔ ۽ انهيءَ سان پيٽ ڀريندوءِ.

فَشٰرِبُوْنَ عَلَيْهِ مِنَ الْحَمِيْمِ ﴿٥٥﴾

٥٥۔ ۽ پوءِ انهيءَ جي مٿان گرم پاڻي پيئندو.

فَشٰرِبُوْنَ شُرْبَ الْهِيْمِ ﴿٥٦﴾

٥٦۔ ۽ اڃاري اٺ وانگر پيئندا ويندوءِ.

هٰذَا نُزُلُهُمْ يَوْمَ الدِّيْنِ ﴿٥٧﴾

٥٧۔ اها انهن جي جزا سزا جي ڏينهن مهمان نوازي هوندي.

نَحْنُ خَلَقْنٰكُمْ فَلَوْلَا تُصَدِّقُوْنَ ﴿٥٨﴾

٥٨۔ اسان توهانکي پيدا ڪيو آهي، پوءِ ڇو توهان اسانجي ڳالهه کي سچو قرار نٿا ڏيو.

اَفَرَءَيْتُمْ مَّا تُمْنُوْنَ ﴿٥٩﴾

٥٩۔ ۽ انهيءَ شئي جي ڪيفيت ته ٻڌايو، جيڪا توهان عورت جي پيٽ ۾ ڪيرايو ٿا.

ءَاَنْتُمْ تَخْلُقُوْنَهٗٓ اَمْ نَحْنُ الْخٰلِقُوْنَ ﴿٦٠﴾

٦٠- ڇا توهان انهيءَ کي پيدا ڪيو ٿا يا اسين انهيءَ کي پيدا ڪيون ٿا؟

نَحْنُ قَدَّرْنَا بَيْنَكُمُ الْمَوْتَ وَمَا نَحْنُ بِمَسْبُوْقِيْنَ ﴿٦١﴾

٦١- اسان توهان لاءِ موت جو سلسلو جاري ڪيو آهي ۽ اسان ڪان ڪوبه اڳتي نٿو نڪري سگهي.

عَلٰٓى اَنْ نُّبَدِّلَ اَمْثَالَكُمْ وَنُنْشِئَكُمْ فِيْ مَا لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿٦٢﴾

٦٢- ۽ ڪوبه شخص انهيءَ باري ۾ ته اسان توهانکي بدلائي ۽ توهان جهڙيون قومون آئيون اسانکي عاجز نٿو ڪري سگهي ۽ (نه انهيءَ ڳالهه کان عاجز ڪري سگهيٿو ته) اسان توهانکي ڪنهن اهڙي صورت ۾ پيدا ڪري ڇڏيون جنهن کي توهان نٿا ڄاڻو.

وَلَقَدْ عَلِمْتُمُ النَّشْاَةَ الْاُوْلٰى فَلَوْلَا تَذَكَّرُوْنَ ﴿٦٣﴾

٦٣- ۽ توهان پهرين پيدائش کي ته ڄاڻو ٿا، پوءِ توهانکي ڇا ٿيو آهي جو توهان نصيحت حاصل نٿا ڪيو.

اَفَرَءَيْتُمْ مَّا تَحْرُثُوْنَ ﴿٦٤﴾

٦٤- ڇا توهان کي معلوم آهي جيڪي توهان ڳالهايو ٿا.

ءَاَنْتُمْ تَزْرَعُوْنَهٗٓ اَمْ نَحْنُ الزّٰرِعُوْنَ ﴿٦٥﴾

٦٥- ڇا توهان انهيءَ کي پيدا ڪيو ٿا يا اسان انهيءَ کي پيدا ڪيونٿا؟

لَوْ نَشَآءُ لَجَعَلْنٰهُ حُطَامًا فَظَلْتُمْ تَفَكَّهُوْنَ ﴿٦٦﴾

٦٦- جيڪڏهين اسان چاهيون ها ته انهيءَ کي بلڪل سڙيل چورو بنائي ڇڏيون ها پوءِ توهان ڳالهيون ٺاهيندي رهجي وڃو ها.

اِنَّا لَمُغْرَمُوْنَ ﴿٦٧﴾

٦٧- ۽ چئو ها ته اسانتي ته ڃٽي پئجي ويئي آهي.

بَلْ نَحْنُ مَحْرُوْمُوْنَ ﴿٦٨﴾

٦٨- پر حق هيءَ آهي ته اسان پنهن جي محنت جي ڦل کان بلڪل محروم ٿي ويا آهيون.

اَفَرَءَيْتُمُ الْمَآءَ الَّذِيْ تَشْرَبُوْنَ ﴿٦٩﴾

٦٩- ٺورو انهي پاڻيءَ کي ته ڏسو جيڪو توهان پيئو ٿا.

ءَاَنْتُمْ اَنْزَلْتُمُوْهُ مِنَ الْمُزْنِ اَمْ نَحْنُ الْمُنْزِلُوْنَ ﴿٧٠﴾

٧٠- ڇا توهان انهيءَ کي ڪڪر مان لاٿو آهي يا اسان انهيءَ کي لاهيون ٿا.

لَوْ نَشَآءُ جَعَلْنٰهُ اُجَاجًا فَلَوْلَا تَشْكُرُوْنَ ﴿٧٠﴾

٧١ـ جيڪڏهين اسان چاهيون ها تہ انهيءَ کي ڪوڙو ڪري ڇڏيون ها، پوءِ توهان شڪر ڇونہ ٿا ڪيو.

اَفَرَءَيْتُمُ النَّارَ الَّتِيْ تُوْرُوْنَ ﴿٧١﴾

٧٢ـ ٽورو انهيءَ باهہ جو حال تہ ٻڌايو جيڪا توهان ٻاريو ٿا.

ءَاَنْتُمْ اَنْشَاْتُمْ شَجَرَتَهَآ اَمْ نَحْنُ الْمُنْشِـُٔوْنَ ﴿٧٢﴾

٧٣ـ ڇا توهان انهيءَ (باهہ) جي وڻ کي پيدا ڪيو آهي يا اسان انهيءَ کي پيدا ڪيون ٿا؟

نَحْنُ جَعَلْنٰهَا تَذْكِرَةً وَّمَتَاعًا لِّلْمُقْوِيْنَ ﴿٧٣﴾

٧٤ـ ۽ اسان انهيءَ کي نصيحت ۽ مسافرن جي فائدي جي لاءِ پيدا ڪيو آهي.

فَسَبِّحْ بِاسْمِ رَبِّكَ الْعَظِيْمِ ﴿٧٤﴾

٧٥ـ پوءِ تون پنهن جي عظمت واري رب جي نالي جي ذريعي سان تسبيح ڪر.

فَلَآ اُقْسِمُ بِمَوٰقِعِ النُّجُوْمِ ﴿٧٥﴾

٧٦ـ پوءِ مان تارن جي ٽٽڻ کي شاهديءَ جي طور تي پيش ڪيان ٿو.

وَاِنَّهٗ لَقَسَمٌ لَّوْ تَعْلَمُوْنَ عَظِيْمٌ ﴿٧٦﴾

٧٧ـ جيڪڏهين توهان ڄاڻو ٿا تہ هي شاهدي تمام وڏي (شاهدي) آهي.

اِنَّهٗ لَقُرْاٰنٌ كَرِيْمٌ ﴿٧٧﴾

٧٨ـ يقينن هيءَ قرآن وڏي عظمت وارو آهي.

فِيْ كِتٰبٍ مَّكْنُوْنٍ ﴿٧٨﴾

٧٩ـ ۽ هڪ لڪل ڪتاب ۾ موجود آهي.

لَّا يَمَسُّهٗٓ اِلَّا الْمُطَهَّرُوْنَ ﴿٧٩﴾

٨٠ـ هن (قرآن) جي حقيقت کي اهي نہ ماڻهو حاصل ڪن ٿا جيڪي پاڪائيءَ وارا هوندا آهن.

تَنْزِيْلٌ مِّنْ رَّبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٨٠﴾

٨١ـ انهيءَ جو لهڻ رب العالمين خدا جي طرفان آهي.

اَفَبِهٰذَا الْحَدِيْثِ اَنْتُمْ مُّدْهِنُوْنَ ﴿٨١﴾

٨٢ـ ڇا انهيءَ ڪلام جي باري ۾ توهان سستيءَ کان ڪم وٺي رهيا آهيو؟

وَتَجْعَلُوْنَ رِزْقَكُمْ اَنَّكُمْ تُكَذِّبُوْنَ ﴿٨٢﴾

٨٣ـ ۽ پنهن جو حصو توهان صرف اهو بنائي رکيو آهي جو توهان ڪوڙو ڪندا رهو.

فَلَوْلَآ اِذَا بَلَغَتِ الْحُلْقُوْمَ ﴿٨٣﴾

٨٤ـ پوءِ ڇونہ ٿيو جو جڏهين دم نڙيءَ تائين اچي پهتو.

| | |
|---|---|
| وَ اَنْتُمْ حِيْنَئِذٍ تَنْظُرُوْنَ ﴿٨٥﴾ | ٨٥. ۽ توهان انهيءَ وقت (مايوس ٿي چوطرف) ڏسڻ لڳا (تہ توهان پنهن جي بچڻ جو ڪو سامان ڪري سگهو) |
| وَ نَحْنُ اَقْرَبُ اِلَيْهِ مِنْكُمْ وَلٰكِنْ لَّا تُبْصِرُوْنَ ﴿٨٦﴾ | ٨٦. ۽ (انهيءَ وقت توهانتي ۽ توهانجن مائٽن تي ظاهر ٿي ويو تہ) اسان انهيءَ مرڻ واري جي جان کان خود توهانجي ذات جي نسبت بہ وڌيڪ قريب آهيون پر توهانتي هي حقيقت پهرينءَ روشن نہ هئي. |
| فَلَوْ لَآ اِنْ كُنْتُمْ غَيْرَ مَدِيْنِيْنَ ﴿٨٧﴾ تَرْجِعُوْنَهَآ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿٨٨﴾ | ٨٧. ٨٨. پوءِ جيڪڏهين توهانکي ڪا جزا نہ ملڻي هئي ۽ توهان انهيءَ دعويٰ ۾ سچا آهيو تہ اهو ڇونہ ٿيو جو توهان انهيءَ حالت کي (جيڪا موت جي وقت ايندي آهي) واپس موٽائي سگهو. |
| فَاَمَّآ اِنْ كَانَ مِنَ الْمُقَرَّبِيْنَ ﴿٨٩﴾ | ٨٩. پوءِ جيڪو بہ خدا جو مقرب آهي. |
| فَرَوْحٌ وَّ رَيْحَانٌ ۙ۬ وَّ جَنَّتُ نَعِيْمٍ ﴿٩٠﴾ | ٩٠. انهيءَ جي لاءِ تہ آرام ۽ آسائش مقدر آهي ۽ اهڙيءَ طرح نعمت تي مشتمل جنت بہ. |
| وَ اَمَّآ اِنْ كَانَ مِنْ اَصْحٰبِ الْيَمِيْنِ ﴿٩١﴾ | ٩١. ۽ جيڪڏهين اهو شخص ساڄي طرف جي مائٽن مان آهي. |
| فَسَلٰمٌ لَّكَ مِنْ اَصْحٰبِ الْيَمِيْنِ ﴿٩٢﴾ | ٩٢. تہ انهيءَ کي چيو وڃيٿو تہ اي ساڄي طرف جي گروهہ وارا! توتي هميشه سلامتي هجي. |
| وَ اَمَّآ اِنْ كَانَ مِنَ الْمُكَذِّبِيْنَ الضَّآلِّيْنَ ﴿٩٣﴾ | ٩٣. ۽ جيڪڏهين اهو مرڻ وارو صداقت جو انڪار ڪرڻ وارن ۽ گمراهن مان هوندو. |
| فَنُزُلٌ مِّنْ حَمِيْمٍ ﴿٩٤﴾ | ٩٤. تہ اهڙي شخص جي گرم پاڻيءَ سان دعوت ڪئي ويندي. |
| وَّ تَصْلِيَةُ جَحِيْمٍ ﴿٩٥﴾ | ٩٥. ۽ نڪاڻي جي طور تي انهيءَ کي جهنم ڏنو ويندو. |
| اِنَّ هٰذَا لَهُوَ حَقُّ الْيَقِيْنِ ﴿٩٦﴾ | ٩٦. هيءَ (ڳالهہ) حق اليقين جي مطابق آهي. |
| فَسَبِّحْ بِاسْمِ رَبِّكَ الْعَظِيْمِ ﴿٩٧﴾ ع ٣ / ١٦ | ٩٧. پوءِ تون پنهن جي عظمت واري رب جي نالي جي ذريعي سان تسبيح ڪر. |

## سُوْرَةُ الْحَدِيْدِ مَدَنِيَّةٌ وَّهِيَ مَعَ الْبَسْمَلَةِ ثَلٰثُوْنَ اٰيَةً وَّ اَرْبَعَةُ رُكُوْعَاتٍ

**سورت حديد - هيءَ سورت مدني آهي ۽ بسم الله سميت هن جون ٽيهه آيتون ۽ چار رڪوع آهن.**

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ①

١- (مان) الله جو نالو وٺي جيڪو بيحد ڪرم ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي (پڙهانٿو)

سَبَّحَ لِلّٰهِ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۚ وَهُوَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ②

٢- آسمانن ۾ ۽ زمين ۾ جيڪي ڪي آهي اهو خدا جي تسبيح ڪري رهيو آهي ۽ اهو غالب (۽) حڪمت وارو آهي.

لَهٗ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۚ يُحْيٖ وَيُمِيْتُ ۚ وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ③

٣- آسمانن ۽ زمين جي بادشاهت انهيءَ جي آهي، هو زندهه ڪريٿو ۽ ماري ٿو ۽ هو هر شيءِ تي قادر آهي.

هُوَ الْاَوَّلُ وَالْاٰخِرُ وَالظَّاهِرُ وَالْبَاطِنُ ۚ وَهُوَ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمٌ ④

٤- اهو اول بہ آهي آخر بہ ۽ ظاهر بہ آهي باطن بہ - ۽ هو هر شيءِ کي ڄاڻي ٿو.

هُوَ الَّذِيْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ فِيْ سِتَّةِ اَيَّامٍ ثُمَّ اسْتَوٰى عَلَى الْعَرْشِ ۚ يَعْلَمُ مَا يَلِجُ فِي الْاَرْضِ وَمَا يَخْرُجُ مِنْهَا وَمَا يَنْزِلُ مِنَ السَّمَآءِ وَمَا يَعْرُجُ فِيْهَا ۚ وَهُوَ مَعَكُمْ اَيْنَ مَا كُنْتُمْ ۚ وَاللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرٌ ⑤

٥- انهيءَ آسمانن ۽ زمين کي ڇهن وقتن ۾ پيدا ڪيو آهي - پوءِ عرش تي مضبوطيءَ سان قائم ٿي ويو هو انهيءَ کي بہ ڄاڻي ٿو جيڪو زمين ۾ داخل ٿئي ٿو - ۽ انهيءَ کي بہ جيڪو انهيءَ مان نڪري ٿو ۽ انهيءَ کي بہ جيڪو آسمان مان لهيٿو ۽ انهيءَ کي بہ جيڪو انهيءَ ڏانهن چڙهي ٿو ۽ توهان جيڏانهن بہ وڃو هو توهان سان رهي ٿو ۽ الله توهانجن عملن کان خوب واقف آهي.

لَهٗ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۚ وَاِلَى اللّٰهِ تُرْجَعُ الْاُمُوْرُ ⑥

٦- (۽) آسمانن جي بادشاهت بہ انهيءَ جي آهي ۽ زمين جي بہ (انهيءَ جي) ۽ انهيءَ ڏانهن سيئي ڪم (فيصلي جي لاءِ) موٽايا ويندا.

يُوْلِجُ الَّيْلَ فِي النَّهَارِ وَيُوْلِجُ النَّهَارَ فِي

٧- هو رات کي ڏينهن ۾ داخل ڪري ٿو ۽

الَّيْلِ ۚ وَهُوَ عَلِيْمٌ ۢ بِذَاتِ الصُّدُوْرِ ﴿٧﴾

ڏينهن کي رات ۾ داخل ڪري ٿو ۽ هو دلين جي ڳالهين کي چڱيءَ طرح ڄاڻيٿو.

اٰمِنُوْا بِاللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ وَاَنْفِقُوْا مِمَّا جَعَلَكُمْ مُّسْتَخْلَفِيْنَ فِيْهِ ۚ فَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مِنْكُمْ وَاَنْفَقُوْا لَهُمْ اَجْرٌ كَبِيْرٌ ﴿٨﴾

٨. اي انسانو! الله ۽ انهيءَ جي رسول تي ايمان آڻيو. ۽ جن (جائدادن) جو (پهرين قومن ڪانپوءِ) توهانکي مالڪ بنايو آهي انهن مان خرچ ڪيو ۽ توهان مان جيڪي مومن آهن ۽ خدا جي واٽ ۾ خرچ ڪندا رهن ٿا انهن کي تمام وڏو اجر ملندو.

وَمَا لَكُمْ لَا تُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ ۚ وَالرَّسُوْلُ يَدْعُوْكُمْ لِتُؤْمِنُوْا بِرَبِّكُمْ وَقَدْ اَخَذَ مِيْثَاقَكُمْ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿٩﴾

٩. ۽ توهانکي ڇا ٿي ويو آهي جو توهان الله ۽ رسول تي ايمان نٿا آڻيو ۽ (الله جو) رسول توهانکي صرف انهيءَ ڪري سڏي ٿو ته توهان پنهن جي رب تي ايمان آڻيو (۽) جيڪڏهين توهان مومن آهيو ته خدا توهان کان هڪ واعدو وٺي چڪو آهي.

هُوَ الَّذِيْ يُنَزِّلُ عَلٰى عَبْدِهٖٓ اٰيٰتٍۢ بَيِّنٰتٍ لِّيُخْرِجَكُمْ مِّنَ الظُّلُمٰتِ اِلَى النُّوْرِ ۗ وَاِنَّ اللّٰهَ بِكُمْ لَرَءُوْفٌ رَّحِيْمٌ ﴿١٠﴾

١٠. اهو (الله) ئي آهي جيڪو پنهن جي ٻانهي تي ظاهر ظهور نشان نازل ڪري ٿو جنهن جو نتيجو اهو ٿئي ٿو ته هو انهن نشانن جي ذريعي توهانکي اونداهين مان ڪڍي نور جي طرف وٺي وڃيٿو ۽ الله يقينن ڏاڍي شفقت کان ڪم وٺندڙ (۽) بار بار ڪرم ڪرڻ وارو آهي.

وَمَا لَكُمْ اَلَّا تُنْفِقُوْا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَلِلّٰهِ مِيْرَاثُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۗ لَا يَسْتَوِيْ مِنْكُمْ مَّنْ اَنْفَقَ مِنْ قَبْلِ الْفَتْحِ وَقٰتَلَ ۗ اُولٰٓئِكَ اَعْظَمُ دَرَجَةً مِّنَ الَّذِيْنَ اَنْفَقُوْا مِنْۢ بَعْدُ وَقٰتَلُوْا ۗ وَكُلًّا وَّعَدَ اللّٰهُ الْحُسْنٰى ۗ وَاللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ خَبِيْرٌ ﴿١١﴾ ع

١١. ۽ توهانکي ڇا ٿي ويو آهي جو توهان الله جي واٽ ۾ خرچ نٿا ڪيو حالانڪ آسمان ۽ زمين جي ميراث الله جي ئي آهي اي مومنو! فتح کان پهرين جنهن خدا جي واٽ ۾ خرچ ڪيو ۽ انهيءَ جي راهه ۾ جنگ ڪئي ـ اهو انهيءَ جي برابر نٿو ٿي سگهي جنهن فتح کانپوءِ خرچ ڪيو ۽ فتح کانپوءِ جنگ ڪئي ـ فتح کان پهرين خرچ ڪرڻ وارا ۽ جنگ ڪرڻ وارا درجي ۾ تمام وڏا آهن ۽ الله پنهي قسم

جي ماڻهن سان نيڪيءَ جو واعدو ڪيو آهي ۽ الله توهانجن عملن کان تمام چڱيءَ طرح واقف آهي.

مَنْ ذَا الَّذِيْ يُقْرِضُ اللّٰهَ قَرْضًا حَسَنًا فَيُضٰعِفَهٗ لَهٗ وَلَهٗٓ اَجْرٌ كَرِيْمٌ ﴿١٢﴾

١٢. ڇا ڪو آهي جيڪو الله کي (پنهن جي مال جو) سٺو ٽڪرو ڪپي ڏئي انهيءَ لاءِ ته هو انهيءَ کي انهي جي لاءِ وڌائي ۽ انهيءَ جيلاءِ هڪ معزز بدلو مقرر آهي.

يَوْمَ تَرَى الْمُؤْمِنِيْنَ وَالْمُؤْمِنٰتِ يَسْعٰى نُوْرُهُمْ بَيْنَ اَيْدِيْهِمْ وَبِاَيْمَانِهِمْ بُشْرٰىكُمُ الْيَوْمَ جَنّٰتٌ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ۚ ذٰلِكَ هُوَ الْفَوْزُ الْعَظِيْمُ ﴿١٣﴾

١٣. جنهن ڏينهن تون مومن مردن ۽ مومن عورتن کي ڏسندين ته انهن جو نور انهن جي سامهون به ۽ انهن جي ساڄي طرف به ڀڄندو ويندو (۽ خدا ۽ انهيءَ جا فرشتا چوندا) اڄ توهانکي قسم قسم جي باغن جي خوشخبري ڏني وڃي ٿي (اهڙا باغ) جن جي هيٺان نهرون وهنديون هونديون.اهي (بشارت پائڻ وارا) ماڻهو انهن جنتن ۾ رهندا ايندا ۽ اها تمام وڏي ڪاميابي آهي.

يَوْمَ يَقُوْلُ الْمُنٰفِقُوْنَ وَالْمُنٰفِقٰتُ لِلَّذِيْنَ اٰمَنُوا انْظُرُوْنَا نَقْتَبِسْ مِنْ نُّوْرِكُمْ ۚ قِيْلَ ارْجِعُوْا وَرَآءَكُمْ فَالْتَمِسُوْا نُوْرًا ۗ فَضُرِبَ بَيْنَهُمْ بِسُوْرٍ لَّهٗ بَابٌ ۗ بَاطِنُهٗ فِيْهِ الرَّحْمَةُ وَظَاهِرُهٗ مِنْ قِبَلِهِ الْعَذَابُ ﴿١٤﴾

١٤. جنهن ڏينهن منافق مرد ۽ منافق عورتون مومنن کي چوندا ته ٿورو اسانجو به انتظار ڪيو اسان توهانجي نور مان روشني حاصل ڪري وٺون. انهيءَ وقت انهن کي چيو ويندو پنهن جي پٺيئن طرف موٽي وڃو ۽ اتي وڃي نور تلاش ڪيو پوءِ (الله جي طرفان) انهن جي ۽ مومنن جي وچ ۾ هڪ پٽ حائل ڪئي ويندي ، جنهن ۾ هڪ دروازو هوندو انهيءَ جي اندر رحمت جو نظارو هوندو ۽ انهيءَ جي ٻاهرين طرف سامهون عذاب نظر اچي رهيو هوندو.

يُنَادُوْنَهُمْ اَلَمْ نَكُنْ مَّعَكُمْ ۗ قَالُوْا بَلٰى وَلٰكِنَّكُمْ فَتَنْتُمْ اَنْفُسَكُمْ وَتَرَبَّصْتُمْ

١٥. اهي (منافق) مومنن کي پڪاري چوندا، ڇا اسان توهان ساڻ نه هئاسين؟ اهي (يعني مومن) جواب ڏيندا هائو هائو، پر توهان

وَارْتَبْتُمْ وَغَرَّتْكُمُ الْاَمَانِيُّ حَتّٰى جَآءَ اَمْرُ اللّٰهِ وَغَرَّكُمْ بِاللّٰهِ الْغَرُوْرُ ﴿١٥﴾

پنهن جن جانين کي خود عذاب ۾ وڌو ۽ توهان (اسانجي تباهيءَ جو) انتظار ڪندا رهيا ۽ شڪ ۽ شبهي کان ڪم وٺندا رهيا ۽ توهانجون خواهشون توهانکي انهيءَ وقت تائين دوکو ڏينديون رهيون جو الله جو فيصلو اچي ويو ۽ الله جي (سيني ڪمن) جي متعلق شيطان توهانکي دوکو ڏيندو رهيو.

فَالْيَوْمَ لَا يُؤْخَذُ مِنْكُمْ فِدْيَةٌ وَّلَا مِنَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا ۭ مَاْوٰىكُمُ النَّارُ ۭ هِيَ مَوْلٰىكُمْ ۭ وَبِئْسَ الْمَصِيْرُ ﴿١٦﴾

١٦- پوءِ اڄوڪي ڏينهن (اي منافقو!) نه توهان کان ۽ نه ڪافرن کان ڪو فديو قبول ڪيو ويندو توهان سيني جو ٺڪاڻو دوزخ آهي - اهوئي توهانجي دائمي تعلق واري شيءِ آهي ۽ اهو برو ٺڪاڻو آهي.

اَلَمْ يَاْنِ لِلَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اَنْ تَخْشَعَ قُلُوْبُهُمْ لِذِكْرِ اللّٰهِ وَمَا نَزَلَ مِنَ الْحَقِّ ۙ وَلَا يَكُوْنُوْا كَالَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ مِنْ قَبْلُ فَطَالَ عَلَيْهِمُ الْاَمَدُ فَقَسَتْ قُلُوْبُهُمْ ۭ وَكَثِيْرٌ مِّنْهُمْ فٰسِقُوْنَ ﴿١٧﴾

١٧- هاڻي اسان مومنن کي چئون ٿا ته ڇا اڃا تائين انهن جي دل الله جي ذڪر جي لاءِ ۽ انهيءَ ڪلام جي لاءِ جيڪو حق (۽ حڪمت) ساڻ لٿو آهي جهڪي نٿي؟ ۽ (مومنن کي) گهرجي ته اهي انهن ماڻهن وانگر نه بنجن جن کي انهن کان پهرين ڪتاب ڏنو ويو هو. پر (خدا جي فضل جي نزول جو) زمانو انهن لاءِ ڊگهو ٿي ويو. جنهن جي نتيجي ۾ انهن جون دليون سخت ٿي ويون ۽ انهن مان اڪثر فاسق ٿي ويا هئا.

اِعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ يُحْيِ الْاَرْضَ بَعْدَ مَوْتِهَا ۭ قَدْ بَيَّنَّا لَكُمُ الْاٰيٰتِ لَعَلَّكُمْ تَعْقِلُوْنَ ﴿١٨﴾

١٨- ياد رکو ته الله زمين کي انهيءَ جي موت کانپوءِ زنده ڪري ٿو - اسان توهان لاءِ پنهنجا نشان کولي کولي بيان ڪري ڇڏيا آهن انهيءَ لاءِ ته توهان عقل کان ڪم وٺو.

اِنَّ الْمُصَّدِّقِيْنَ وَالْمُصَّدِّقٰتِ وَاَقْرَضُوا اللّٰهَ قَرْضًا حَسَنًا يُّضٰعَفُ لَهُمْ وَلَهُمْ

١٩- يقينن صدقو ڏيڻ وارا مرد ۽ صدقو ڏيڻ واريون عورتون ۽ اهي ماڻهو جن الله جي لاءِ پنهن جي مال مان هڪ سٺو حصو ڪاڻي جدا

أَجْرٌ كَرِيمٌ ﴿١٩﴾

ڪري ڇڏيو آهي انهن جي مالن کي انهن جي خاطر وڌايو ويندو ۽ انهن کي عزت ڀريو بدلو ڏنو ويندو.

وَالَّذِينَ آمَنُوا بِاللَّهِ وَرُسُلِهِ أُولَٰئِكَ هُمُ الصِّدِّيقُونَ ۖ وَالشُّهَدَاءُ عِنْدَ رَبِّهِمْ لَهُمْ أَجْرُهُمْ وَنُورُهُمْ ۖ وَالَّذِينَ كَفَرُوا وَكَذَّبُوا بِآيَاتِنَا أُولَٰئِكَ أَصْحَابُ الْجَحِيمِ ﴿٢٠﴾

ع

٢٠. ۽ جن الله تي ۽ انهيءَ جي رسولن تي ايمان آندو اهي ئي پنهن جي رب جي نظر ۾ صديق ۽ شهيدن جو درجو پائڻ وارا آهن انهن کي انهيءَ جو پورو پورو اجر ملندو ۽ اهڙيءَ طرح انهن جو نور انهن کي ملندو ۽ اهي ماڻهو جن ڪفر ڪيو ۽ اسانجن آيتن کي ڪوڙو ڪيو آهي دوزخي هوندا.

اعْلَمُوا أَنَّمَا الْحَيَاةُ الدُّنْيَا لَعِبٌ وَلَهْوٌ وَزِينَةٌ وَتَفَاخُرٌ بَيْنَكُمْ وَتَكَاثُرٌ فِي الْأَمْوَالِ وَالْأَوْلَادِ ۖ كَمَثَلِ غَيْثٍ أَعْجَبَ الْكُفَّارَ نَبَاتُهُ ثُمَّ يَهِيجُ فَتَرَاهُ مُصْفَرًّا ثُمَّ يَكُونُ حُطَامًا ۖ وَفِي الْآخِرَةِ عَذَابٌ شَدِيدٌ وَمَغْفِرَةٌ مِنَ اللَّهِ وَرِضْوَانٌ ۚ وَمَا الْحَيَاةُ الدُّنْيَا إِلَّا مَتَاعُ الْغُرُورِ ﴿٢١﴾

٢١. اي انسانو ! ڄاڻي وٺو تہ دنيا جي زندگي فقط هڪ راند آهي ۽ دل وندرائيندي آهي ۽ زينت حاصل ڪرڻ ۽ پاڻ ۾ فخر ڪرڻ ۽ هڪ ٻئي تي مال ۽ اولاد ۾ وڌائي ڄتائڻ جو ذريعو آهي - انهيءَ جي حالت ڪکر مان پيدا ٿيندڙ پوک جهڙي آهي جنهن جو ڄمڻ زميندار کي ڏاڍو پسند ايندو آهي ۽ اها چڱيءَ طرح جهوليندي آهي پر آخر تون انهيءَ کي پيلي حالت ۾ ڏسندو آهين پوءِ (انهيءَ بعد) اها ڳريل چورو ٿي ويندي آهي ۽ آخرت ۾ (اهڙن دنيادارن لاءِ) سخت عذاب مقرر آهي ۽ ڪن جي لاءِ الله جي طرفان مغفرت ۽ رضا الاهي مقرر آهي ۽ دنياوي زندگي صرف هڪ دوکي جو فائدو آهي.

سَابِقُوا إِلَىٰ مَغْفِرَةٍ مِنْ رَبِّكُمْ وَجَنَّةٍ عَرْضُهَا كَعَرْضِ السَّمَاءِ وَالْأَرْضِ أُعِدَّتْ لِلَّذِينَ آمَنُوا بِاللَّهِ وَرُسُلِهِ ۚ ذَٰلِكَ فَضْلُ اللَّهِ يُؤْتِيهِ مَنْ يَشَاءُ ۚ وَاللَّهُ ذُو الْفَضْلِ الْعَظِيمِ ﴿٢٢﴾

٢٢. (اي انسانو!) توهان پنهن جي رب جي طرف ان اچڻ واري مغفرت ۽ اهڙي جنت جي طرف تيزيءَ سان وڌو جنهن جي قيمت سڄي آسمان ۽ زمين جي قيمت جي برابر آهي ۽ جيڪا الله ۽ انهيءَ جي رسول تي ايمان آڻڻ وارن لاءِ تجويز ڪئي وئي آهي - اهو الله جو

فضل آهي.هوجيڪي پسند ڪندو آهي ڏيندو آهي ۽ الله وڏي فضل وارو آهي.

مَآ اَصَابَ مِنْ مُّصِيْبَةٍ فِي الْاَرْضِ وَلَا فِيْٓ اَنْفُسِكُمْ اِلَّا فِيْ كِتٰبٍ مِّنْ قَبْلِ اَنْ نَّبْرَاَهَا ۭ اِنَّ ذٰلِكَ عَلَي اللّٰهِ يَسِيْرٌ ﴿٢٣﴾

٢٣- زمين ۾ ڪا بہ مصيبت نٿي اچي ۽ نہ توهانجي جانين تي ڪا مصيبت اچي ٿي. پر انهيءَ جي ظاهر ٿيڻ کان پهرين اسان انهيءَ کي مقرر ڪري ڇڏيو آهي اها ڳالهہ الله جي لاءِ بلڪل آسان آهي.

لِّكَيْلَا تَاْسَوْا عَلٰي مَا فَاتَكُمْ وَلَا تَفْرَحُوْا بِمَآ اٰتٰىكُمْ ۭ وَاللّٰهُ لَا يُحِبُّ كُلَّ مُخْتَالٍ فَخُوْرِ ﴿٢۴﴾

٢۴- انهيءَ لاءِ تہ پنهن جي ڪوتاهيءَ تي توهانکي ڪو بہ افسوس نہ ٿئي ۽ نہ انهيءَ تي توهان خوش ٿيو جيڪي الله توهانکي ڏيئي، ۽ الله هر پاڻ پڏائيندڙ هٺيلي کي پسند نٿو ڪري.

الَّذِيْنَ يَبْخَلُوْنَ وَيَاْمُرُوْنَ النَّاسَ بِالْبُخْلِ ۭ وَمَنْ يَّتَوَلَّ فَاِنَّ اللّٰهَ هُوَ الْغَنِيُّ الْحَمِيْدُ ﴿٢۵﴾

٢۵- اهڙا ماڻهو جيڪي پاڻ بہ ڪنجوسيءَ کان ڪم وٺن ٿا ۽ ٻين کي بہ ڪنجوسيءَ جي تعليم ڏين ٿا ۽ جيڪو شخص انهيءَ نصيحت کان منهن موڙي تہ ياد رکي تہ الله ئي حقيقي بي نياز ۽ حقيقي تعريف جو مستحق آهي.

لَقَدْ اَرْسَلْنَا رُسُلَنَا بِالْبَيِّنٰتِ وَاَنْزَلْنَا مَعَهُمُ الْكِتٰبَ وَالْمِيْزَانَ لِيَقُوْمَ النَّاسُ بِالْقِسْطِ ۚ وَاَنْزَلْنَا الْحَدِيْدَ فِيْهِ بَاْسٌ شَدِيْدٌ وَّمَنَافِعُ لِلنَّاسِ وَلِيَعْلَمَ اللّٰهُ مَنْ يَّنْصُرُهٗ وَرُسُلَهٗ بِالْغَيْبِ ۭ اِنَّ اللّٰهَ قَوِيٌّ عَزِيْزٌ ﴿٢٦﴾ ع ٣ ١٩

٢٦- اسان پنهن جن رسولن کي ڪليل نشانن سان موڪليو آهي ۽ انهن سان گڏ ڪتاب ۽ تارازي بہ لاٿي آهي انهيءَ لاءِ تہ ماڻهو انصاف ڪندا ڪن ۽ اسان لوهہ بہ لاٿو آهي جنهن ۾ سخت جنگ جو سامان آهي ۽ ماڻهن جيلاءِ ٻيا بہ ڪيترن قسمن جا نفعا آهن ۽ اهو سڀ انهيءَ لاءِ پيدا ڪيو آهي تہ الله جاڻي وٺي تہ انهيءَ جي ۽ انهيءَ جي رسولن جي غيب جي حالت ۾ ڪير مدد ڪري ٿو ۽ الله وڏي قوت وارو (۽) غالب آهي.

وَلَقَدْ اَرْسَلْنَا نُوْحًا وَّاِبْرٰهِيْمَ وَجَعَلْنَا فِيْ ذُرِّيَّتِهِمَا النُّبُوَّةَ وَالْكِتٰبَ فَمِنْهُمْ مُّهْتَدٍ ۚ وَ

٢٧- ۽ اسان نوح ۽ ابراهيم کي بہ رسول بڻائي موڪليو هو - ۽ انهن جي اولاد سان نبوت ۽ ڪتاب کي مخصوص ڪري ڇڏيو هو.

كَثِيْرٌ مِّنْهُمْ فٰسِقُوْنَ ﴿٢٧﴾

پوءِ ڪي انهن مان هدايت حاصل ڪرڻ وارا هئا ۽ گهڻا ماڻهو انهن مان فاسق هئا.

ثُمَّ قَفَّيْنَا عَلٰٓى اٰثَارِهِمْ بِرُسُلِنَا وَقَفَّيْنَا بِعِيْسَى ابْنِ مَرْيَمَ وَاٰتَيْنٰهُ الْاِنْجِيْلَ ۙ وَجَعَلْنَا فِيْ قُلُوْبِ الَّذِيْنَ اتَّبَعُوْهُ رَاْفَةً وَّرَحْمَةً ؕ وَرَهْبَانِيَّةَ ۨابْتَدَعُوْهَا مَا كَتَبْنٰهَا عَلَيْهِمْ اِلَّا ابْتِغَآءَ رِضْوَانِ اللّٰهِ فَمَا رَعَوْهَا حَقَّ رِعَايَتِهَا ۚ فَاٰتَيْنَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مِنْهُمْ اَجْرَهُمْ ۚ وَكَثِيْرٌ مِّنْهُمْ فٰسِقُوْنَ ﴿٢٨﴾

٢٨- پوءِ اسان انهن کان (يعني نوح ۽ ابراهيم جي اولاد کان) پوءِ پنهن جا رسول انهن جي نقش قدم تي هلائي موڪليا ۽ عيسيٰ ابن مريم کي بہ انهن جي نقش قدم تي هلايو ۽ انهيءَ کي انجيل بخشيو ۽ جيڪي انهيءَ جي تابع ٿيا اسان انهن جي دل ۾ ٻاجهہ ۽ رحمت پيدا ڪئي ۽ انهن ڪنوارو رهڻ جو طريقو اختيار ڪيو. جنهن کي انهن خود اختيار ڪيو هو. اسان هيءَ حڪم انهن تي فرض نہ ڪيو هو (جيتوڻيڪ) انهن الله جي رضا حاصل ڪرڻ جي لاءِ اهو طريقو اختيار ڪيو هو پر انهيءَ جو پورو لحاظ نہ رکيو. پوءِ انهن مان جيڪي مومن هئا انهن کي اسان مناسب حال اجر بخشيو ۽ انهن مان ڪيترائي فاسق هئا.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ وَاٰمِنُوْا بِرَسُوْلِهٖ يُؤْتِكُمْ كِفْلَيْنِ مِنْ رَّحْمَتِهٖ وَيَجْعَلْ لَّكُمْ نُوْرًا تَمْشُوْنَ بِهٖ وَيَغْفِرْ لَكُمْ ؕ وَاللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿٢٩﴾ ۙ

٢٩- اي ايمان وارو! الله جي تقويٰ اختيار ڪيو ۽ انهيءَ جي رسول تي ايمان آڻيو. تڏهن توهانکي الله پنهن جي رحمت مان ٻيڻو حصو ڏيندو ۽ توهان جي لاءِ نور مقرر ڪري ڇڏيندو جنهن جي مدد سان توهان هلندؤ ۽ توهانجا گناهہ معاف ڪندو ۽ الله وڏو بخشڻ وارو (۽) بي انتها ڪرم ڪرڻ وارو آهي.

لِّئَلَّا يَعْلَمَ اَهْلُ الْكِتٰبِ اَلَّا يَقْدِرُوْنَ عَلٰى شَيْءٍ مِّنْ فَضْلِ اللّٰهِ وَاَنَّ الْفَضْلَ بِيَدِ اللّٰهِ يُؤْتِيْهِ مَنْ يَّشَآءُ ؕ وَاللّٰهُ ذُو الْفَضْلِ الْعَظِيْمِ ﴿٣٠﴾ ع

٣٠- ۽ اهو اسان انهيءَ لاءِ چئونٿا جو اهل ڪتاب ائين نہ سمجهن تہ مسلمانن کي الله جي فضل مان ڪجهہ مليو ئي ڪونهي. بلڪ اهو سمجهن تہ فضل الله جي هٿ ۾ آهي جنهن کي چاهي ٿو ڏئي ٿو ۽ الله وڏن فضلن وارو آهي.

سُوْرَةُ الْمُجَادَلَةِ مَدَنِيَّةٌ وَّهِيَ مَعَ الْبَسْمَلَةِ ثَلٰثٌ وَّعِشْرُوْنَ اٰيَةً وَّثَلٰثَةُ رُكُوْعَاتٍ

سورت مجادلہ - هي سورت مدني آهي ۽ بسم الله سميت هن جون ٽيويهہ آيتون ۽ ٽي رڪوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ①

١- (مان) الله جو نالو وٺي جيڪو بيحد ڪرم ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي (پڙهانٿو)

قَدْ سَمِعَ اللّٰهُ قَوْلَ الَّتِيْ تُجَادِلُكَ فِيْ زَوْجِهَا وَتَشْتَكِيْٓ اِلَى اللّٰهِ ۖ وَاللّٰهُ يَسْمَعُ تَحَاوُرَكُمَا ۭ اِنَّ اللّٰهَ سَمِيْعٌۢ بَصِيْرٌ ②

٢- الله انهيءَ عورت جي دعا ٻڌي جيڪا پنهن جي خاوند جي متعلق توسان بحث ڪندي هئي ۽ الله وٽ فرياد ڪندي هئي. ۽ الله توهان ٻنهي جو بحث ٻڌي رهيو هو. الله يقينن ڏاڍو ٻڌڻ وارو (۽) ڏسڻ وارو آهي.

اَلَّذِيْنَ يُظٰهِرُوْنَ مِنْكُمْ مِّنْ نِّسَاۗىِٕهِمْ مَّا هُنَّ اُمَّهٰتِهِمْ ۭ اِنْ اُمَّهٰتُهُمْ اِلَّا الّٰۗئِيْ وَلَدْنَهُمْ ۭ وَاِنَّهُمْ لَيَقُوْلُوْنَ مُنْكَرًا مِّنَ الْقَوْلِ وَزُوْرًا ۭ وَاِنَّ اللّٰهَ لَعَفُوٌّ غَفُوْرٌ ③

٣- (سو ياد رکو تہ) توهان مان جيڪي ماڻهو پنهن جن زالن کي ماءُ چئي ويهن ٿا اهو چوڻ سان اهي انهن جون مائرون نٿيون ٿي وڃن. انهن جون مائرون اهي ئي آهن جن انهن کي ڄڻيو آهي ۽ (جيڪي ڪي اهي غلطيءَ سان چئي وڃن ٿا انهن جي متعلق اهوئي چئي سگهجي ٿو تہ) اهي هڪ نا پسند ۽ ڪوڙي ڳالهہ چون ٿا ۽ الله گهڻو معاف ڪرڻ وارو (۽) گهڻو بخشڻ وارو آهي.

وَالَّذِيْنَ يُظٰهِرُوْنَ مِنْ نِّسَاۗىِٕهِمْ ثُمَّ يَعُوْدُوْنَ لِمَا قَالُوْا فَتَحْرِيْرُ رَقَبَةٍ مِّنْ قَبْلِ اَنْ يَّتَمَاۗسَّا ۭ ذٰلِكُمْ تُوْعَظُوْنَ بِهٖ ۭ وَاللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ خَبِيْرٌ ④

٤- ۽ اهي ماڻهو جيڪي پنهن جن زالن کي ماءُ ڪوٺين ٿا پوءِ انهيءَ بعد (باوجود خدا تعاليٰ جي منع ڪرڻ جي) جيڪي ڪجهہ انهن چيو هو انهيءَ ڏانهن موٽي اچن ٿا انهن جيلاءِ ضروري آهي تہ انهيءَ کان اڳ جو اهي ٻئي (يعني زال مڙس) هڪ ٻئي کي ڇهن هڪ غلام آزاد ڪن. هي اها (ڳالهہ) آهي جنهن جي توهانکي نصيحت ڪئي وڃي ٿي ۽

الله توهانجن عملن کان چڱيءَ طرح واقف آهي.

فَمَنْ لَّمْ يَجِدْ فَصِيَامُ شَهْرَيْنِ مُتَتَابِعَيْنِ مِنْ قَبْلِ اَنْ يَّتَمَآسَّا ۚ فَمَنْ لَّمْ يَسْتَطِعْ فَاِطْعَامُ سِتِّيْنَ مِسْكِيْنًا ۚ ذٰلِكَ لِتُؤْمِنُوْا بِاللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ ۚ وَتِلْكَ حُدُوْدُ اللّٰهِ ۚ وَلِلْكٰفِرِيْنَ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ۝

٥- ۽ جنهن شخص کي (غلام) نه ملي اهو لاڳيتا ٻه مهينا روزا رکي انهيءَ کان پهرين جو اهي ٻئي هڪ ٻئي کي ڇهن ۽ جنهن ۾ اها طاقت به نه هجي ته سٺ مسڪينن کي کاڌو کارائي اهو (حڪم) انهيءَ لاءِ (ڏنو ويو) آهي انهيءَ لاءِ (جو) توهان الله ۽ انهيءَ جي رسول جي ڳالهه کي مڃيندا ڪيو. ۽ اهي الله جون حدون آهن ۽ ڪافرن جي لاءِ دردناڪ عذاب (مقرر) آهي.

اِنَّ الَّذِيْنَ يُحَآدُّوْنَ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ كُبِتُوْا كَمَا كُبِتَ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ وَقَدْ اَنْزَلْنَآ اٰيٰتٍۢ بَيِّنٰتٍ ۚ وَلِلْكٰفِرِيْنَ عَذَابٌ مُّهِيْنٌ ۝

٦- جيڪي ماڻهو الله ۽ انهيءَ رسول جي حڪم جي خلاف وڃن ٿا اهي ذليل ڪيا ويندا, جهڙيءَ طرح انهن کان پهريان ماڻهو ذليل ڪيا ويا, ۽ اسان پنهنجا واضح حڪم نازل ڪري چڪا آهيون. ۽ جيڪي ماڻهو (انهن واضح حڪمن جو) انڪار ڪندا انهن کي خوار ڪرڻ وارو عذاب ملندو.

يَوْمَ يَبْعَثُهُمُ اللّٰهُ جَمِيْعًا فَيُنَبِّئُهُمْ بِمَا عَمِلُوْا ۭ اَحْصٰىهُ اللّٰهُ وَنَسُوْهُ ۭ وَاللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ شَهِيْدٌ ۝ ع

٧- جنهن ڏينهن الله انهن سڀني کي جمع ڪري اٿاريندو ۽ انهن کي انهن عملن جي خبر ڏيندو جيڪي الله ته ڳڻي رکيا آهن پر اهي انهن کي وساري ويٺا آهن ۽ الله هر هڪ شيءِ تي نگران آهي.

اَلَمْ تَرَ اَنَّ اللّٰهَ يَعْلَمُ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ ۭ مَا يَكُوْنُ مِنْ نَّجْوٰى ثَلٰثَةٍ اِلَّا هُوَ رَابِعُهُمْ وَلَا خَمْسَةٍ اِلَّا هُوَ سَادِسُهُمْ وَلَآ اَدْنٰى مِنْ ذٰلِكَ وَلَآ اَكْثَرَ اِلَّا هُوَ مَعَهُمْ اَيْنَ مَا كَانُوْا ۚ ثُمَّ يُنَبِّئُهُمْ بِمَا عَمِلُوْا يَوْمَ الْقِيٰمَةِ ۭ اِنَّ اللّٰهَ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمٌ ۝

٨- ڇا توکي معلوم ڪونهي ته آسمانن ۽ زمين ۾ جيڪي به ڪي آهي, الله انهيءَ کي ڄاڻيٿو - دنيا ۾ ڪي ٽي ماڻهو جدا مشوري ڪرڻ وارا نه هوندا آهن جڏهين هو انهن جو چوٿون نه هجي ۽ نه پنج مشوري ڪرڻ وارا هوندا آهن جڏهين هوانهن جو ڇهون نه هجي, ۽ نه انهيءَ تعداد کان گهٽ هوندا آهن نه

الله تي توڪل ڪن.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِذَا قِيْلَ لَكُمْ تَفَسَّحُوْا فِي الْمَجٰلِسِ فَافْسَحُوْا يَفْسَحِ اللّٰهُ لَكُمْ ۚ وَ اِذَا قِيْلَ انْشُزُوْا فَانْشُزُوْا يَرْفَعِ اللّٰهُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مِنْكُمْ ۙ وَالَّذِيْنَ اُوْتُوا الْعِلْمَ دَرَجٰتٍ ۭ وَ اللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ خَبِيْرٌ ۝١١

١٢. اي مومنو! جڏهين توهانکي اهو چيو وڃي ته مجلسن ۾ کلي وهو، ته کلي وهندا ڪيو. الله به توهانجيلاءِ ڪشادگيءَ جو سامان پيدا ڪندو. ۽ جڏهن توهانکي چيو وڃي ته اٿي وڃو ته اٿي ويندا ڪيو الله انهن کي جيڪي مومن آهن ۽ حقيقي علم رکڻ وارا آهن درجن ۾ وڌائيندو ۽ الله توهانجن عملن کان چڱيءَ طرح خبردار آهي.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِذَا نَاجَيْتُمُ الرَّسُوْلَ فَقَدِّمُوْا بَيْنَ يَدَيْ نَجْوٰىكُمْ صَدَقَةً ۭ ذٰلِكَ خَيْرٌ لَّكُمْ وَاَطْهَرُ ۭ فَاِنْ لَّمْ تَجِدُوْا فَاِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ۝١٢

١٣. اي ايمان وارو! جڏهين توهان رسول سان جدا مشورو ڪرڻ چاهيو ته پنهن جي مشوري کان پهرين ڪجهه صدقو ڏيندا ڪيو. اهو توهانجي لاءِ سٺو ٿيندو ۽ دل کي پاڪ ڪرڻ جو سبب ٿيندو (پر اهو حڪم انهن جي لاءِ آهي جن کي توفيق هجي) جيڪڏهين توهان (ڪابه شيءِ صدقي جي لاءِ) نه لهو ته (ڊڄو نه) الله ڏاڍو بخشڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي.

ءَاَشْفَقْتُمْ اَنْ تُقَدِّمُوْا بَيْنَ يَدَيْ نَجْوٰىكُمْ صَدَقٰتٍ ۭ فَاِذْ لَمْ تَفْعَلُوْا وَتَابَ اللّٰهُ عَلَيْكُمْ فَاَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ وَاٰتُوا الزَّكٰوةَ وَاَطِيْعُوا اللّٰهَ وَ رَسُوْلَهٗ ۭ وَاللّٰهُ خَبِيْرٌۢ بِمَا تَعْمَلُوْنَ ۝١٣ ع

١٤. ڇا توهان مشوري ڪرڻ کان پهرين صدقي ڏيڻ کان ڊڄي ويا؟ سو ڇاڪاڻ ته توهان ائين نه ڪيو ۽ الله توهانتي فضل فرمايو آهي پوءِ توهان نماز قائم ڪيو، ۽ زڪواتون ڏيو ۽ الله ۽ انهيءَ جي رسول جي اطاعت ڪيو ۽ جيڪي ڪي توهان ڪيو ٿا الله انهيءَ کي چڱي طرح ڄاڻي ٿو.

اَلَمْ تَرَ اِلَى الَّذِيْنَ تَوَلَّوْا قَوْمًا غَضِبَ اللّٰهُ عَلَيْهِمْ ۭ مَا هُمْ مِّنْكُمْ وَلَا مِنْهُمْ ۙ وَيَحْلِفُوْنَ عَلَى الْكَذِبِ وَهُمْ يَعْلَمُوْنَ ۝١٤

١٥. ڇا تو انهن ماڻهن ڏانهن به ڏٺو جن اهڙيءَ قوم سان دوستي ڪئي جن تي خدا غضب نازل ڪيو هو. اهڙا ماڻهو نه توهان مان آهن نه انهن مان ۽ اهي ڪوڙي ڳالهه تي ڄاڻي ٻجهي قسم کڻن ٿا.

اَعَدَّ اللّٰهُ لَهُمْ عَذَابًا شَدِيْدًا ۭ اِنَّهُمْ سَاۗءَ مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ⑮

١٦۔ الله انهن جيلاءِ سخت عذاب تيار ڪري رکيو آهي ـ انهن جا عمل نهايت برا آهن.

اِتَّخَذُوْٓا اَيْمَانَهُمْ جُنَّةً فَصَدُّوْا عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ فَلَهُمْ عَذَابٌ مُّهِيْنٌ ⑯

١٧۔ انهن پنهن جن قسمن کي ڍال بنائي ڇڏيو آهي ۽ اهي الله جي رستي کان (انهن قسمن جي ذريعي) روڪين ٿا ـ پوءِ انهن کي خوار ڪندڙ عذاب ملندو.

لَنْ تُغْنِيَ عَنْهُمْ اَمْوَالُهُمْ وَلَآ اَوْلَادُهُمْ مِّنَ اللّٰهِ شَيْـــًٔا ۭ اُولٰۗىِٕكَ اَصْحٰبُ النَّارِ ۭ هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ⑰

١٨۔ نہ انهن جو مال ۽ نہ انهن جو اولاد الله جي مقابلي ۾ ڪو نفعو ڏيئي سگهندو. اهي ماڻهو دوزخي آهن اهي انهيءَ ۾ هميشه رهندا.

يَوْمَ يَبْعَثُهُمُ اللّٰهُ جَمِيْعًا فَيَحْلِفُوْنَ لَهٗ كَمَا يَحْلِفُوْنَ لَكُمْ وَيَحْسَبُوْنَ اَنَّهُمْ عَلٰي شَيْءٍ ۭ اَلَآ اِنَّهُمْ هُمُ الْكٰذِبُوْنَ ⑱

١٩۔ جنهن ڏينهن الله انهن سڀني کي جمع ڪري اٿاريندو تہ انهيءَ جي سامهون بہ اهڙيءَ طرح قسم ڪندا جهڙيءَ طرح توهانجي سامهون قسم کڻن ٿا ۽ خيال ڪندا تہ اهي وڏي پختي (۽ معقول) اصول تي آهن ـ ٻڌو! اهي ماڻهو (باوجود پنهن جن قسمن جي) ڪوڙا آهن.

اِسْتَحْوَذَ عَلَيْهِمُ الشَّيْطٰنُ فَاَنْسٰـىهُمْ ذِكْرَ اللّٰهِ ۭ اُولٰۗىِٕكَ حِزْبُ الشَّيْطٰنِ ۭ اَلَآ اِنَّ حِزْبَ الشَّيْطٰنِ هُمُ الْخٰسِرُوْنَ ⑲

٢٠۔ شيطان انهن تي غالب اچي ويو آهي ۽ انهيءَ الله جو ذڪر انهن کان وساري ڇڏيو آهي اهي ماڻهو شيطان جو گروهہ آهن ۽ ٻڌي ڇڏيو تہ شيطان جو گروهہ آخر گهاٽو حاصل ڪرڻ وارو آهي.

اِنَّ الَّذِيْنَ يُحَاۗدُّوْنَ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗٓ اُولٰۗىِٕكَ فِي الْاَذَلِّيْنَ ⑳

٢١۔ يقينن جيڪي ماڻهو الله ۽ انهيءَ جي رسول جي مخالفت ڪن ٿا اهي سخت ذليل ماڻهن ۾ شمار ٿيندا.

كَتَبَ اللّٰهُ لَاَغْلِبَنَّ اَنَا وَرُسُلِيْ ۭ اِنَّ اللّٰهَ قَوِيٌّ عَزِيْزٌ ㉑

٢٢۔ الله فيصلو ڪري ڇڏيو آهي تہ مان ۽ منهنجا رسول غالب ايندا۔ الله يقينن طاقتور (۽) غالب آهي.

لَا تَجِدُ قَوْمًا يُّؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ

٢٣۔ توکي اهڙي ڪابہ قوم نہ ملندي جيڪا الله ۽ آخرت جي ڏينهن تي بہ ايمان آڻيندي

يُوَآدُّوْنَ مَنْ حَآدَّ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ وَلَوْ كَانُوْٓا اٰبَآءَهُمْ
اَوْ اَبْنَآءَهُمْ اَوْ اِخْوَانَهُمْ اَوْ عَشِيْرَتَهُمْ ؕ اُولٰٓئِكَ
كَتَبَ فِيْ قُلُوْبِهِمُ الْاِيْمَانَ وَاَيَّدَهُمْ بِرُوْحٍ
مِّنْهُ ؕ وَيُدْخِلُهُمْ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا
الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ؕ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمْ وَرَضُوْا
عَنْهُ ؕ اُولٰٓئِكَ حِزْبُ اللّٰهِ ؕ اَلَآ اِنَّ حِزْبَ اللّٰهِ هُمُ
الْمُفْلِحُوْنَ ﴿٢٢﴾ ع

هجي ۽ الله ۽ سندس رسول جي سخت مخالفت ڪرڻ واري سان بہ محبت رکندي هجي خواهہ اهڙا ماڻهو انهن جا پيئر هجن يا پٽ هجن يا ڀائر هجن يا انهن جي ڪٽنب مان هجن ـ اهي ئي (مومن) آهن جن جي دلين ۾ الله ايمان نقش ڪري ڇڏيو آهي ۽ پنهن جي طرفان ڪلام موڪلي انهن جي مدد ڪئي آهي ۽ هو انهن کي اهڙين جنتن ۾ داخل ڪندو جن جي هيٺان نهرون وهنديون هونديون اهي انهي ۾ هميشه رهندا ايندا. الله انهن کان راضي ٿي ويو ۽ اهي الله کان راضي ٿي ويا. اهي الله جو گروهہ آهن (۽) بڌي ڇڏيو تہ الله جو گروهہ ئي ڪامياب ٿيندو آهي.

سُوْرَةُ الْحَشْرِ مَدَنِيَّةٌ وَّهِيَ مَعَ الْبَسْمَلَةِ خَمْسٌ وَّعِشْرُوْنَ اٰيَةً وَّثَلٰثَةُ رُكُوْعَاتٍ

سورت حشر - هيءَ سورت مدني آهي ۽ بسم الله سميت هن جون پنجويهہ آيتون ۽ ٽي رڪوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ①

١- (مان) الله جو نالو وٺي جيڪو بيحد ڪرم ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي (پڙهانٿو)

سَبَّحَ لِلّٰهِ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ وَهُوَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ②

٢- آسمانن ۽ زمين ۾ جيڪي ڪي آهي الله جي تسبيح ڪري رهيو آهي ۽ اهو (الله) غالب (۽) حڪمت وارو آهي.

هُوَ الَّذِيْٓ اَخْرَجَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْ اَهْلِ الْكِتٰبِ مِنْ دِيَارِهِمْ لِاَوَّلِ الْحَشْرِ ۭ مَا ظَنَنْتُمْ اَنْ يَّخْرُجُوْا وَظَنُّوْٓا اَنَّهُمْ مَّانِعَتُهُمْ حُصُوْنُهُمْ مِّنَ اللّٰهِ فَاَتٰىهُمُ اللّٰهُ مِنْ حَيْثُ لَمْ يَحْتَسِبُوْا ۤ وَقَذَفَ فِيْ قُلُوْبِهِمُ الرُّعْبَ يُخْرِبُوْنَ بُيُوْتَهُمْ بِاَيْدِيْهِمْ وَاَيْدِي الْمُؤْمِنِيْنَ ۤ فَاعْتَبِرُوْا يٰٓاُولِي الْاَبْصَارِ ③ وَلَوْلَآ اَنْ كَتَبَ اللّٰهُ عَلَيْهِمُ الْجَلَاۗءَ لَعَذَّبَهُمْ فِي الدُّنْيَا ۭ وَلَهُمْ فِي الْاٰخِرَةِ عَذَابُ النَّارِ ④

٣-٤- اهو (خدا) ئي آهي جنهن اهل ڪتاب ڪافرن کي پهرين جنگ جي موقعي تي انهن جي گهرن مان ڪڍيو ۽ توهان خيال نہ ڪندا هئا تہ ڪي اهي نڪرندا ۽ اهي خيال ڪندا هئا تہ انهن جا قلعا الله جي مقابلي ۾ انهن کي بچائيندا ۽ الله انهن وٽ اتان آيو جتان ڪان انهن کي گمان بہ نہ هو ۽ انهن جي دلين ۾ انهيءَ دهشت وجهي ڇڏي. اهي پنهن جن گهرن کي (ڪجهہ تہ) پنهن جن هٿن سان ۽ (ڪجهہ) مومنن جي هٿان خراب ڪري رهيا هئا. پوءِ اي سوجهہ بوجهہ رکڻ وارا انسانو! عبرت حاصل ڪيو ۽ جيڪڏهين الله انهن تي جلاوطني فرض ڪري نہ رکي هجي ها تہ انهن کي هن دنيا ۾ بہ عذاب ڏئي ها ۽ آخرت ۾ انهن جي لاءِ دوزخ جو عذاب مقرر آهي.

ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ شَاۗقُّوا اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ ۚ وَمَنْ يُّشَاۗقِّ اللّٰهَ فَاِنَّ اللّٰهَ شَدِيْدُ الْعِقَابِ ⑤

٥- اهو سڀ ڪجهہ انهيءَ لاءِ ٿيو جو انهن الله ۽ انهيءَ جي رسول سان اختلاف ڪيو ۽ جيڪو الله سان اختلاف ڪندو آهي اهو ياد

ركي تہ الله جو عذاب يقينن سخت آهي.

مَا قَطَعۡتُمۡ مِّنۡ لِّيۡنَةٍ اَوۡ تَرَكۡتُمُوۡهَا قَآئِمَةً عَلٰٓى اُصُوۡلِهَا فَبِاِذۡنِ اللّٰهِ وَلِيُخۡزِىَ الۡفٰسِقِيۡنَ ۝٥

٥. توهان کا پاڙ کجيءَ جي وڻ جي نہ ڪاٽي آهي يا انهيءَ کي پنهن جي پاڙن تي بيٺل نہ ڇڏيو. پر اهو الله جي حڪم سان هو ۽ انهيءَ لاءِ هو تہ نافرمانن کي خوار ڪيو وڃي.

وَمَآ اَفَآءَ اللّٰهُ عَلٰى رَسُوۡلِهٖ مِنۡهُمۡ فَمَآ اَوۡجَفۡتُمۡ عَلَيۡهِ مِنۡ خَيۡلٍ وَّلَا رِكَابٍ وَّلٰـكِنَّ اللّٰهَ يُسَلِّطُ رُسُلَهٗ عَلٰى مَنۡ يَّشَآءُ ؕ وَاللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَىۡءٍ قَدِيۡرٌ ۝٦

٦. ۽ جيڪي ڪي الله انهن (باغي ماڻهن) جو مال پنهن جي رسول کي ڏنو (توهانکي معلوم آهي تہ) توهان پنهن جا گهوڙا ۽ اٺ انهيءَ مال جي حاصل ڪرڻ لاءِ نہ ڊوڙايا هئا. پر الله پنهن جن رسولن کي جنهن جو چاهي ٿو مالڪ بنائي ڇڏي ٿو ۽ الله هر شئي تي قادر آهي.

مَآ اَفَآءَ اللّٰهُ عَلٰى رَسُوۡلِهٖ مِنۡ اَهۡلِ الۡقُرٰى فَلِلّٰهِ وَلِلرَّسُوۡلِ وَلِذِى الۡقُرۡبٰى وَالۡيَتٰمٰى وَالۡمَسٰكِيۡنِ وَابۡنِ السَّبِيۡلِۙ كَىۡ لَا يَكُوۡنَ دُوۡلَةًۢ بَيۡنَ الۡاَغۡنِيَآءِ مِنۡكُمۡ ؕ وَمَآ اٰتٰٮكُمُ الرَّسُوۡلُ فَخُذُوۡهُ وَمَا نَهٰٮكُمۡ عَنۡهُ فَانۡتَهُوۡا ۚ وَاتَّقُوا اللّٰهَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ شَدِيۡدُ الۡعِقَابِۘ ۝٧

٧. ڳوٺن جي ماڻهن جو جيڪو مال الله پنهن جي رسول کي عطا ڪيو اهو الله جو (آهي) ۽ رسول جو (آهي) ۽ مائٽن جو (آهي) ۽ يتيمن جو (آهي) ۽ مسڪينن جو (آهي) ۽ مسافرن جو آهي - انهيءَ لاءِ تہ اهو مال توهان مان مالدارن اندر نہ ڦرندو رهي ۽ رسول جيڪي ڪي توهانکي ڏئي اهو وٺو ۽ جنهن کان منع ڪري انهيءَ کان رڪجي وڃو ۽ الله جي تقويٰ اختيار ڪيو. الله جو عذاب يقينن ڏاڍو سخت هوندو آهي.

لِلۡفُقَرَآءِ الۡمُهٰجِرِيۡنَ الَّذِيۡنَ اُخۡرِجُوۡا مِنۡ دِيَارِهِمۡ وَاَمۡوَالِهِمۡ يَبۡتَغُوۡنَ فَضۡلًا مِّنَ اللّٰهِ وَرِضۡوَانًا وَّيَنۡصُرُوۡنَ اللّٰهَ وَرَسُوۡلَهٗ ؕ اُولٰٓـئِكَ هُمُ الصّٰدِقُوۡنَۚ ۝٨

٨. اهو (مال سواءِ مٿين ماڻهن جي) مهاجر غريبن جو حق آهي جن کي انهن جي گهرن ۽ مالن کان (بي دخل ڪري) ڪڍيو ويو هو - اهي الله جو فضل ۽ انهيءَ جي رضا چاهين ٿا ۽ (هميشه) الله (جي دين) جي ۽ انهيءَ جي رسول جي مدد ڪندا رهن ٿا - اهي ئي ماڻهو (ايمان ۾) سچا آهن.

لَا يَنْصُرُوْنَهُمْ ۚ وَلَئِنْ نَّصَرُوْهُمْ لَيُوَلُّنَّ الْاَدْبَارَ ۙ ثُمَّ لَا يُنْصَرُوْنَ ﴿١٢﴾

ڪڏهين نہ نڪرندا ۽ جيڪڏهين انهن (اهل ڪتاب) سان جنگ ڪئي ويئي تہ اهي (منافق) انهن جي ڪڏهين بہ مدد نہ ڪندا ۽ جيڪڏهين مدد ڪيائون بہ تہ (اهڙي ڪوڙيءَ دل سان ڪندا جو) جنگ ٿيندي ئي پٺي ورائي ڀڄي ويندا ۽ (اهي سندن مدد تہ ڪهڙي ڪرئي آهي . خطري جي موقعي تي) انهن جي پنهن جي مدد ڪرڻ وارو ڪوبہ نہ هوندو.

لَاَنْتُمْ اَشَدُّ رَهْبَةً فِيْ صُدُوْرِهِمْ مِّنَ اللّٰهِ ۭ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ قَوْمٌ لَّا يَفْقَهُوْنَ ﴿١٣﴾

١٤. (اي مومنو!) توهانجو ڊپ انهن (منافقن) جي دل ۾ الله کان بہ وڌيڪ آهي اها ڳالهہ انهيءَ ڪري آهي جو اهو هڪ اهڙو گروهہ آهي جيڪو سمجهہ کان خالي آهي.

لَا يُقَاتِلُوْنَكُمْ جَمِيْعًا اِلَّا فِيْ قُرًى مُّحَصَّنَةٍ اَوْ مِنْ وَّرَاۗءِ جُدُرٍ ۭ بَاْسُهُمْ بَيْنَهُمْ شَدِيْدٌ ۭ تَحْسَبُهُمْ جَمِيْعًا وَّقُلُوْبُهُمْ شَتّٰى ۭ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ قَوْمٌ لَّا يَعْقِلُوْنَ ﴿١٤﴾

١٥. اهي ڪڏهين توهان سان جنگ نہ ڪندا سواءِ انهيءَ جي جو مضبوط ڳوٺن ۾ يا ڀتين جي پٺيان ويٺا هجن. انهن جي جنگ پاڻ ۾ ڏاڍي سخت هوندي آهي تون انهن کي هڪ قوم سمجهين ٿو پر انهن جون دليون ڌار هونديون آهن. اهو انهيءَ ڪري آهي جو اهي اهڙي قوم آهن جيڪا عقل نٿي رکي.

كَمَثَلِ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ قَرِيْبًا ذَاقُوْا وَبَالَ اَمْرِهِمْ ۚ وَلَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿١٥﴾

١٦. انهن جو حال انهن (قومن) وانگر آهي جيڪي انهن کان ٿورڙين ويجهي زماني ۾ گذري چڪيون آهن انهن پنهن جن ڪمن جو نتيجو ڏسي ورتو ۽ انهن کي دردناڪ عذاب پهتو.

كَمَثَلِ الشَّيْطٰنِ اِذْ قَالَ لِلْاِنْسَانِ اكْفُرْ ۚ فَلَمَّا كَفَرَ قَالَ اِنِّيْ بَرِيْۗءٌ مِّنْكَ اِنِّىْٓ اَخَافُ اللّٰهَ رَبَّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿١٦﴾

١٧. (پڻ) انهن (منافقن) جي حالت شيطان سان ملي ٿي جڏهين اهو انسان کي تہ ائين چوي ٿو تہ ڪفر ڪر. پر جڏهين اهو ڪفر ڪري وهي ٿو تہ (شيطان) انهيءَ کي چوي ٿو تہ مان توکان آزاد آهيان . مان الله کان

ڏجان ٿو جيڪو سيني جهانن جو رب آهي.

فَكَانَ عَاقِبَتَهُمَآ أَنَّهُمَا فِي النَّارِ خَالِدَيْنِ فِيهَا ۚ وَذَٰلِكَ جَزَآؤُا الظّٰلِمِيْنَ ﴿١٧﴾

١٨- سو انهن ٻنهي جي پڇاڙي اها ٿئي ٿي جو اهي ٻئي جهنم ۾ وڃي پون ٿا ۽ انهيءَ ۾ هميشه رهندا ايندا ۽ ظالمن جو بدلو اهڙوئي ٿيندو آهي.

يٰٓأَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ وَلْتَنْظُرْ نَفْسٌ مَّا قَدَّمَتْ لِغَدٍ ۚ وَاتَّقُوا اللّٰهَ ۚ إِنَّ اللّٰهَ خَبِيْرٌ ۢ بِمَا تَعْمَلُوْنَ ﴿١٨﴾

١٩- اي مومنو! الله جي تقويٰ اختيار ڪيو ۽ گهرجي تہ هر ڪا جان انهيءَ ڳالهہ تي نظر رکي تہ انهيءَ سڀاڻي جي لاءِ اڳتي ڇا موڪليو آهي ۽ توهان سڀئي الله جي تقويٰ اختيار ڪيو. الله توهانجن عملن کان چڱيءَ طرح باخبر آهي.

وَلَا تَكُوْنُوْا كَالَّذِيْنَ نَسُوا اللّٰهَ فَأَنْسٰىهُمْ أَنْفُسَهُمْ ۚ أُولٰٓئِكَ هُمُ الْفٰسِقُوْنَ ﴿١٩﴾

٢٠- ۽ انهن ماڻهن وانگر نہ بڻجو جن الله کي وساري ڇڏيو سو الله بہ انهن کان سندن جانين جو فائدو وساري ڇڏيو اهي ماڻهو فرمانبرداريءَ کان ٻاهر نڪرڻ وارا آهن.

لَا يَسْتَوِيْٓ أَصْحٰبُ النَّارِ وَأَصْحٰبُ الْجَنَّةِ ۚ أَصْحٰبُ الْجَنَّةِ هُمُ الْفَآئِزُوْنَ ﴿٢٠﴾

٢١- دوزخي ۽ جنتي برابر نٿا ٿي سگهن - جنتي ماڻهو ئي ڪامياب آهن.

لَوْ أَنْزَلْنَا هٰذَا الْقُرْاٰنَ عَلٰى جَبَلٍ لَّرَأَيْتَهُ خَاشِعًا مُّتَصَدِّعًا مِّنْ خَشْيَةِ اللّٰهِ ۚ وَتِلْكَ الْأَمْثَالُ نَضْرِبُهَا لِلنَّاسِ لَعَلَّهُمْ يَتَفَكَّرُوْنَ ﴿٢١﴾

٢٢- جيڪڏهين هي قرآن اسان ڪنهن جبل تي نازل ڪيون ها تہ تون انهيءَ کي ڏسين ها تہ اهو (ادب وچان) جهڪي وڃي ها ۽ الله جي ڊپ کان ٽڪرا ٽڪرا ٿي وڃي ها ۽ اهي ڳالهيون جيڪي اسان (توسان) ڪيون ٿا اهي سڀ انسانن جيلاءِ آهن انهيءَ لاءِ تہ اهي سوچين.

هُوَ اللّٰهُ الَّذِيْ لَآ إِلٰهَ إِلَّا هُوَ ۚ عٰلِمُ الْغَيْبِ وَالشَّهَادَةِ ۚ هُوَ الرَّحْمٰنُ الرَّحِيْمُ ﴿٢٢﴾

٢٣- الله ئي آهي جنهن کانسواءِ ڪوبہ معبود ڪونهي - هو غائب ۽ حاضر ڄاڻي ٿو اهو ئي بي انتها ڪرم ڪرڻ وارو (خدا) آهي (۽ اهو ئي) بار بار رحم ڪرڻ وارو (خدا) آهي.

هُوَ اللّٰهُ الَّذِیْ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۚ اَلْمَلِكُ الْقُدُّوْسُ السَّلٰمُ الْمُؤْمِنُ الْمُهَيْمِنُ الْعَزِيْزُ الْجَبَّارُ الْمُتَكَبِّرُ ؕ سُبْحٰنَ اللّٰهِ عَمَّا يُشْرِكُوْنَ ﴿٢٣﴾

٢٣. (حق اهو آهي تہ) الله اهو آهي جنهن کانسواءِ ڪوبہ معبود ڪونهي اهو بادشاهہ آهي (خود) پاڪ آهي (۽ ٻين کي پاڪ ڪري ٿو، خود) هر عيب کان سلامت آهي (۽ ٻين کي سلامت رکي ٿو) سڀني کي امن ڏيڻ وارو آهي ۽ سڀني جو نگران آهي غالب آهي ۽ سڀني ٽٽل دلين کي ڳنڍي ٿو ۔ وڏي شان وارو آهي جن شين کي اهي ماڻهو انهيءَ جو شريڪ قرار ڏين ٿا انهن کان الله پاڪ آهي.

هُوَ اللّٰهُ الْخَالِقُ الْبَارِئُ الْمُصَوِّرُ لَهُ الْاَسْمَآءُ الْحُسْنٰى ؕ يُسَبِّحُ لَهٗ مَا فِی السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۚ وَهُوَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ﴿٢٤﴾ ع ٣

٢٤. (حق اهو آهي تہ) الله هر شيءِ جو پيدا ڪرڻ وارو ۽ هر شيءِ جو ايجاد ڪندڙ بہ آهي. ۽ هر شيءِ کي انهيءَ جي حال سارو صورت ڏيڻ وارو آهي انهيءَ جون ڪيتريون ئي سٺيون صفتون آهن آسمانن ۽ زمين ۾ جيڪي ڪي آهي انهيءَ جي تسبيح ڪري رهيو آهي ۽ اهو غالب (۽) حڪمت وارو آهي.

لَنْ تَنْفَعَكُمْ اَرْحَامُكُمْ وَلَآ اَوْلَادُكُمْ ۚ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ ۚ
يَفْصِلُ بَيْنَكُمْ ۭ وَاللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرٌ ﴿٤﴾

۴ـ توهانکي نـہ تـہ توهانجون مٽيون ۽ نـہ اولاد قيامت جي ڏينهن نفعو پهچائي سگهن ٿا انهيءَ ڏينهن خدائي فيصلو ڪندو ۽ الله توهانجن عملن کي چڱيءَ طرح ڏسي رهيو آهي.

قَدْ كَانَتْ لَكُمْ اُسْوَةٌ حَسَنَةٌ فِيْٓ اِبْرٰهِيْمَ وَالَّذِيْنَ
مَعَهٗ ۚ اِذْ قَالُوْا لِقَوْمِهِمْ اِنَّا بُرَءٰۗؤُا مِنْكُمْ وَمِمَّا
تَعْبُدُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ ۡ كَفَرْنَا بِكُمْ وَبَدَا بَيْنَنَا
وَبَيْنَكُمُ الْعَدَاوَةُ وَالْبَغْضَاۗءُ اَبَدًا حَتّٰى تُؤْمِنُوْا
بِاللّٰهِ وَحْدَهٗٓ اِلَّا قَوْلَ اِبْرٰهِيْمَ لِاَبِيْهِ لَاَسْتَغْفِرَنَّ
لَكَ وَمَآ اَمْلِكُ لَكَ مِنَ اللّٰهِ مِنْ شَيْءٍ ۭ رَبَّنَا عَلَيْكَ
تَوَكَّلْنَا وَاِلَيْكَ اَنَبْنَا وَاِلَيْكَ الْمَصِيْرُ ﴿٥﴾

٥ـ ابراهيم ۽ انهيءَ جي ساٿين ۾ توهان جيلاءِ هڪ سٺو نمونو موجود آهي جڏهين تـہ انهن پنهن جي قوم کي چيو تـہ اسان توهان کان ۽ الله کانسواءِ توهانجن معبودن کان مڪمل طرح بيزار آهيون ـ اسان توهانجن ڳالهين جو انڪار ڪيون ٿا ۽ اسانجي ۽ توهانجي وچ ۾ دشمني ۽ وير انهيءَ وقت تائين ظاهر ٿي ويو آهي جيسين توهان خدا تي ايمان آڻيو ـ ها اسان ابراهيم جي واعدي کي جيڪو انهيءَ پنهن جي پيءَ سان ڪيو هو الڳ ڪيونٿا، اهو اهو هو تـہ مان تنهن جي لاءِ استغفار ڪندس ـ پر الله جي مقابلي ۾ تنهن جي ڪنهن بـہ قسم جي مدد تي مان قادر نـہ آهيان. (۽ ابراهيم اهو بـہ چيو تـہ) اي اسانجا رب اسان توتي توڪل ڪيون ٿا ۽ تو ڏانهن جهڪون ٿا ۽ تو ڏانهن ئي اسانکي موٽي وڃڻو آهي.

رَبَّنَا لَا تَجْعَلْنَا فِتْنَةً لِّلَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَاغْفِرْ لَنَا
رَبَّنَا ۚ اِنَّكَ اَنْتَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ﴿٦﴾

٦ـ اي اسانجا رب ! اسان کي ڪافرن جي لاءِ لوڪر جو سبب نـہ بناءِ ۽ اسان جون خطائون معاف ڪر اي اسانجا رب! تون ڏاڍو غالب (۽) حڪمت وارو آهين.

لَقَدْ كَانَ لَكُمْ فِيْهِمْ اُسْوَةٌ حَسَنَةٌ لِّمَنْ كَانَ
يَرْجُوا اللّٰهَ وَالْيَوْمَ الْاٰخِرَ ۭ وَمَنْ يَّتَوَلَّ فَاِنَّ اللّٰهَ
هُوَ الْغَنِيُّ الْحَمِيْدُ ﴿٧﴾ ع

٧ـ انهن ماڻهن ۾ توهانجي لاءِ هڪ ڏاڍو سٺو نمونو آهي يعني هر انهيءَ شخص جي لاءِ جيڪو الله ۽ آخرت جي ڏينهن کي ڏسڻ جي اميد رکي ٿو ۽ جيڪو بـہ پٺي ڦيرائي ڇڏي

اهو ياد رکي تہ الله بلڪل بي نياز آهي (۽) وڏين تعريفن جو مستحق آهي.

عَسَى اللّٰهُ اَنْ يَّجْعَلَ بَيْنَكُمْ وَبَيْنَ الَّذِيْنَ عَادَيْتُمْ مِّنْهُمْ مَّوَدَّةً ۚ وَاللّٰهُ قَدِيْرٌ ۚ وَاللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿٨﴾

٨. ويجهو آهي جو الله توهان جي ۽ انهن ماڻهن جي وچ ۾ جيڪي ڪافرن مان توهانجا دشمن آهن محبت پيدا ڪري ڇڏي ۽ الله انهيءَ تي قادر آهي ۽ الله گهڻو بخشڻ وارو (۽) بي انتها رحم ڪرڻ وارو آهي.

لَا يَنْهٰىكُمُ اللّٰهُ عَنِ الَّذِيْنَ لَمْ يُقَاتِلُوْكُمْ فِي الدِّيْنِ وَلَمْ يُخْرِجُوْكُمْ مِّنْ دِيَارِكُمْ اَنْ تَبَرُّوْهُمْ وَتُقْسِطُوْٓا اِلَيْهِمْ ۚ اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ الْمُقْسِطِيْنَ ﴿٩﴾

٩. الله توهان کي انهن ماڻهن سان نيڪي ڪرڻ ۽ عدل جي معاملي کان نٿو روڪي جيڪي توهان سان ديني اختلاف جي سببان نہ وڙهيا ۽ جن توهانکي توهانجن گهرن مان نہ ڪڍيو آهي. الله انصاف ڪرڻ وارن کي پسند ڪريٿو.

اِنَّمَا يَنْهٰىكُمُ اللّٰهُ عَنِ الَّذِيْنَ قٰتَلُوْكُمْ فِي الدِّيْنِ وَاَخْرَجُوْكُمْ مِّنْ دِيَارِكُمْ وَظٰهَرُوْا عَلٰٓى اِخْرَاجِكُمْ اَنْ تَوَلَّوْهُمْ ۚ وَمَنْ يَّتَوَلَّهُمْ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الظّٰلِمُوْنَ ﴿١٠﴾

١٠. الله توهانکي صرف انهن ماڻهن سان (دوستي ڪرڻ کان) روڪيٿو جن توهان سان ديني اختلاف سببان جنگ ڪئي ۽ جن توهانکي گهرن مان ڪڍيو يا توهانجي ڪڍڻ تي توهانجن ٻين دشمنن جي مدد ڪئي ۽ جيڪي ماڻهون بہ اهڙي ماڻهن سان دوستي ڪن اهي ظالم آهن.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِذَا جَآءَكُمُ الْمُؤْمِنٰتُ مُهٰجِرٰتٍ فَامْتَحِنُوْهُنَّ ۖ اَللّٰهُ اَعْلَمُ بِاِيْمَانِهِنَّ ۖ فَاِنْ عَلِمْتُمُوْهُنَّ مُؤْمِنٰتٍ فَلَا تَرْجِعُوْهُنَّ اِلَى الْكُفَّارِ ۖ لَا هُنَّ حِلٌّ لَّهُمْ وَلَا هُمْ يَحِلُّوْنَ لَهُنَّ ۖ وَاٰتُوْهُمْ مَّآ اَنْفَقُوْا ۚ وَلَا جُنَاحَ عَلَيْكُمْ اَنْ تَنْكِحُوْهُنَّ اِذَآ اٰتَيْتُمُوْهُنَّ اُجُوْرَهُنَّ ۚ وَلَا تُمْسِكُوْا بِعِصَمِ الْكَوَافِرِ وَسْئَلُوْا مَآ اَنْفَقْتُمْ وَلْيَسْئَلُوْا مَآ اَنْفَقُوْا

١١. اي مومنو! جڏهين توهان وٽ مومن عورتون هجرت ڪري اچن تہ انهن کي چڱيءَ طرح آزمائيندا ڪيو. الله انهن جي ايمان کي چڱيءَ طرح ڄاڻيٿو پر جيڪڏهين توهان سمجهو تہ اهي مومن عورتون آهن تہ انهن کي ڪافرن ڏانهن نہ موٽايو. نہ اهي انهن (ڪافرن) جيلاءِ جائز آهن ۽ نہ اهي (ڪافر) انهن (عورتن) جي لاءِ جائز آهن ۽ گهرجي تہ ڪافر جيڪو انهن (عورتن جي نڪاح) تي خرچ ڪيو هجي اهو انهن کي واپس ڪيو ۽

ذٰلِكُمْ حُكْمُ اللّٰهِ يَحْكُمُ بَيْنَكُمْ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌ حَكِيْمٌ ﴿١٠﴾

(جڏهين توهان انهن عورتن کي ڪافرن کان فارغ ڪرائي وٺو تہ) انهن جي معاوضي (يعني مهر) ادا ڪرڻ جي صورت ۾ جيڪڏهين توهان انهن سان شادي ڪيو تہ توهانتي ڪوبہ اعتراض ڪونهي ۽ ڪافر عورتن جي ننگ ناموس کي قبضي ۾ نہ رکو ۽ جيڪي ڪجهہ توهان انهن تي خرچ ڪيو آهي (جيڪڏهين اهي پنهنجي ڪافرن ڏانهن هليون وڃن تہ) ڪافرن کان گهرو ۽ (جيڪڏهين ڪافرن جون زالون مسلمان ٿي مسلمان سان اچي ملن تہ) جيڪي ڪجهہ انهن (پنهنجن نڪاحن تي) خرچ ڪيو آهي مسلمانن کان گهرن - هيءَ توهانکي الله جو ارشاد آهي اهو توهانجي وچ ۾ فيصلو ڪريٿو ۽ الله ڄاڻڻ وارو (۽) حڪمت وارو آهي.

وَاِنْ فَاتَكُمْ شَيْءٌ مِّنْ اَزْوَاجِكُمْ اِلَى الْكُفَّارِ فَعَاقَبْتُمْ فَاٰتُوا الَّذِيْنَ ذَهَبَتْ اَزْوَاجُهُمْ مِّثْلَ مَآ اَنْفَقُوْا وَاتَّقُوا اللّٰهَ الَّذِيْٓ اَنْتُمْ بِهٖ مُؤْمِنُوْنَ ﴿١١﴾

١٢- ۽ جيڪڏهين توهانجن زالن مان ڪا پنهنجي ڪافرن وٽ هلي وڃي ۽ انهيءَ ڪانپوءِ توهانجي هٿ ۾ بہ ڪا ڪافر عورت (جنگي قيديءَ جي حيثيت ۾) اچي تہ توهان انهن ماڻهن کي جن جون زالون پنهنجي ڪافرن سان وڃي مليون آهن انهن جي اصل خرچ جي برابر جيڪو انهن پنهنجي نڪاحن تي ڪيو هو ادا ڪري ڇڏيو- ۽ الله جي تقوي اختيار ڪيو - جنهن تي اوهان ايمان آڻيو ٿا.

يٰٓاَيُّهَا النَّبِيُّ اِذَا جَآءَكَ الْمُؤْمِنٰتُ يُبَايِعْنَكَ عَلٰٓى اَنْ لَّا يُشْرِكْنَ بِاللّٰهِ شَيْئًا وَّلَا يَسْرِقْنَ وَلَا يَزْنِيْنَ وَلَا يَقْتُلْنَ اَوْلَادَهُنَّ وَلَا يَاْتِيْنَ بِبُهْتَانٍ يَّفْتَرِيْنَهٗ بَيْنَ اَيْدِيْهِنَّ وَاَرْجُلِهِنَّ وَلَا يَعْصِيْنَكَ فِيْ مَعْرُوْفٍ فَبَايِعْهُنَّ وَاسْتَغْفِرْ لَهُنَّ اللّٰهَ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ

١٣- اي نبي! جڏهين تو وٽ عورتون مسلمان ٿي اچن ۽ بيعت ڪرڻ جي خواهش ڪن انهيءَ شرط تي تہ اهي الله جو شريڪ ڪنهن کي قرار نہ ڏينديون ۽ نہ ئي چوري ڪنديون ۽ نہ ئي زنا ڪنديون ۽ نہ ئي اولاد کي قتل ڪنديون ۽ نہ ئي ڪوڙو بهتان

رَّحِيْمٌ ⑫

كنهن تي ٻڌنديون، ۽ نيڪ ڳالهين ۾ تنهن جي نافرماني نہ كنديون تہ انهن جي بيعت وٺندو ڪر، ۽ انهن جي لاءِ استغفار كندو ڪر. الله ڏاڍو بخشڻ وارو (۽) بي حد رحم ڪرڻ وارو آهي.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَتَوَلَّوْا قَوْمًا غَضِبَ اللّٰهُ عَلَيْهِمْ قَدْ يَىِٕسُوْا مِنَ الْاٰخِرَةِ كَمَا يَىِٕسَ الْكُفَّارُ مِنْ اَصْحٰبِ الْقُبُوْرِ ⑬ ع٢

١٤. اي مومنو! كنهن اهڙي قوم سان دوستي نہ كيو، جنهن تي خدا ناراض آهي اهي ماڻهو اخروي زندگيءَ كان اهڙا مايوس ٿي ويا آهن جهڙيءَ طرح كافر قبرن ۾ پيل ماڻهن كان مايوس ٿي ويا آهن.

سُوۡرَةُ الصَّفِّ مَدَنِيَّةٌ وَّهِيَ مَعَ الۡبَسۡمَلَةِ خَمۡسَ عَشۡرَةَ اٰيَةً وَّرُكُوۡعَانِ

سورت صف - هيءَ سورت مدني آهي ۽ بسم الله سميت هن جون پندرهن آيتون ۽ ٻه رڪوع آهن.

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ①

١- (مان) الله جو نالو وٺي جيڪو بيحد ڪرم ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي (پڙهانٿو)

سَبَّحَ لِلّٰهِ مَا فِى السَّمٰوٰتِ وَمَا فِى الۡاَرۡضِ‌ۚ وَهُوَ الۡعَزِيۡزُ الۡحَكِيۡمُ ②

٢- آسمانن ۽ زمين ۾ جيڪي ڪي آهي الله جي تسبيح ڪري رهيو آهي، هو غالب (۽) حڪمت وارو آهي.

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا لِمَ تَقُوۡلُوۡنَ مَا لَا تَفۡعَلُوۡنَ ③

٣- اي مومنو! توهان اهي ڳالهيون ڇو ٿا چئو جيڪي ڪيو نٿا.

كَبُرَ مَقۡتًا عِنۡدَ اللّٰهِ اَنۡ تَقُوۡلُوۡا مَا لَا تَفۡعَلُوۡنَ ④

٤- خدا وٽ انهيءَ ڳالهه جي دعويٰ ڪرڻ جيڪا توهان ڪيو نٿا ڏاڍي ناپسند آهي.

اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ الَّذِيۡنَ يُقَاتِلُوۡنَ فِىۡ سَبِيۡلِهٖ صَفًّا كَاَنَّهُمۡ بُنۡيَانٌ مَّرۡصُوۡصٌ ⑤

٥- الله ته انهن ماڻهن کي پسند ڪري ٿو جيڪي انهيءَ جي رستي ۾ صف ٻڌي وڙهن ٿا، ڄڻ اهي هڪ پٽ آهن جنهن جي مضبوطيءَ لاءِ انهيءَ تي شيهو پگهاري وڌو ويو هجي.

وَاِذۡ قَالَ مُوۡسٰى لِقَوۡمِهٖ يٰقَوۡمِ لِمَ تُؤۡذُوۡنَنِىۡ وَقَدۡ تَّعۡلَمُوۡنَ اَنِّىۡ رَسُوۡلُ اللّٰهِ اِلَيۡكُمۡ‌ؕ فَلَمَّا زَاغُوۡۤا اَزَاغَ اللّٰهُ قُلُوۡبَهُمۡ‌ؕ وَاللّٰهُ لَا يَهۡدِى الۡقَوۡمَ الۡفٰسِقِيۡنَ ⑥

٦- ۽ (ياد ڪيو) جڏهن موسيٰ پنهن جي قوم کي چيو، اي منهن جي قوم! توهان مونکي ڇو ٿا تڪليف ڏيو، حالانڪ توهان ڄاڻو ٿا ته مان توهان ڏانهن الله جي طرفان رسول ٿي آيو آهيان - پر جڏهن انهي هوندي اهي ماڻهو سڌي رستي کان ڦٽڪي ويا ته الله انهن جي دلين کي ڏنگو ڪري ڇڏيو ۽ الله فرمانبرداريءَ کان نڪري وڃڻ وارن کي ڪاميابيءَ جو رستو نٿو ڏيکاري.

وَاِذۡ قَالَ عِيۡسَى ابۡنُ مَرۡيَمَ يٰبَنِىۡۤ اِسۡرَآءِيۡلَ اِنِّىۡ

٧- ۽ (ياد ڪيو، جڏهن عيسيٰ ابن مريم

رَسُوۡلُ اللّٰهِ اِلَيۡكُمۡ مُّصَدِّقًا لِّمَا بَيۡنَ يَدَيَّ مِنَ التَّوۡرٰىةِ وَمُبَشِّرًۢا بِرَسُوۡلٍ يَّاۡتِىۡ مِنۢ بَعۡدِى اسۡمُهٗۤ اَحۡمَدُ ؕ فَلَمَّا جَآءَهُمۡ بِالۡبَيِّنٰتِ قَالُوۡا هٰذَا سِحۡرٌ مُّبِيۡنٌ ﴿٦﴾

پنهن جي قوم کي چيو ته اي بني اسرائيل! مان الله جي طرفان توهان ڏانهن رسول ٿي آيو آهيان جيڪو (ڪلام) منهن جي اچڻ کان پهرين نازل ٿي چڪو آهي يعني (تورات) انهيءَ جي پيشگوئين کي مان پورو ڪيانٿو ۽ هڪ اهڙي رسول جي خبر ڏيانٿو جيڪو مون کان پوءِ ايندو جنهن جو نالو احمد هوندو ـ پوءِ جڏهين اهو رسول دليل ڪٽي اچي ويو. ته انهن چيو ته اهو ته ظاهر ظهور دوکو آهي.

وَمَنۡ اَظۡلَمُ مِمَّنِ افۡتَرٰى عَلَى اللّٰهِ الۡكَذِبَ وَهُوَ يُدۡعٰۤى اِلَى الۡاِسۡلَامِ ؕ وَاللّٰهُ لَا يَهۡدِى الۡقَوۡمَ الظّٰلِمِيۡنَ ﴿٨﴾

٨ـ ۽ انهيءَ کان وڌيڪ ظالم ڪير ٿي سگهي ٿو. جيڪو الله تي ڪوڙ ٻڌي. حالانڪ هو اسلام جي طرف سڏيو وڃي ٿو ۽ الله ظالمن کي ڪڏهين هدايت نٿو ڏئي.

يُرِيۡدُوۡنَ لِيُطۡفِـُٔوۡا نُوۡرَ اللّٰهِ بِاَفۡوَاهِهِمۡ وَاللّٰهُ مُتِمُّ نُوۡرِهٖ وَلَوۡ كَرِهَ الۡكٰفِرُوۡنَ ﴿٩﴾

٩ـ هو گهرن ٿا ته پنهن جي وات سان الله جي نور کي وسائي ڇڏين. ۽ الله پنهن جي نور کي پورو ڪري ڇڏيندو. خواهه ڪافر (ماڻهو ) ڪيترو به نا پسند ڪن.

هُوَ الَّذِىۡۤ اَرۡسَلَ رَسُوۡلَهٗ بِالۡهُدٰى وَدِيۡنِ الۡحَقِّ لِيُظۡهِرَهٗ عَلَى الدِّيۡنِ كُلِّهٖ وَلَوۡ كَرِهَ الۡمُشۡرِكُوۡنَ ﴿١٠﴾ ع

١٠ـ اهو خدائي آهي جنهن پنهن جي رسول کي هدايت سان ۽ سچو دين ڏئي موڪليو آهي انهيءَ لاءِ ته انهيءَ کي سڀني دينن تي غالب ڪري ـ خواهه مشرڪ ڪيتروئي نا پسند ڪن.

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا هَلۡ اَدُلُّكُمۡ عَلٰى تِجَارَةٍ تُنۡجِيۡكُمۡ مِّنۡ عَذَابٍ اَلِيۡمٍ ﴿١١﴾

١١ـ اي مومنو! ڇا مان توهانکي هڪ اهڙي واپار جي خبر ڏيان. جيڪو توهانکي دردناڪ عذاب کان بچائي وٺندو.

تُؤۡمِنُوۡنَ بِاللّٰهِ وَرَسُوۡلِهٖ وَتُجَاهِدُوۡنَ فِىۡ سَبِيۡلِ اللّٰهِ بِاَمۡوَالِكُمۡ وَاَنۡفُسِكُمۡ ؕ ذٰلِكُمۡ خَيۡرٌ لَّكُمۡ اِنۡ كُنۡتُمۡ تَعۡلَمُوۡنَ ﴿١٢﴾

١٢ـ (اهو واپار هيءَ آهي ته) توهان الله ۽ انهيءَ جي رسول تي ايمان آڻيو. ۽ الله جي رستي ۾ پنهن جن مالن ۽ پنهن جي جانين سان جهاد ڪيو ـ جيڪڏهين توهان سمجهو ته اهو توهانجي لاءِ ڏاڍو بهتر آهي.

يَغۡفِرۡ لَكُمۡ ذُنُوۡبَكُمۡ وَيُدۡخِلۡكُمۡ جَنّٰتٍ تَجۡرِىۡ مِنۡ تَحۡتِهَا الۡاَنۡهٰرُ وَمَسٰكِنَ طَيِّبَةً فِىۡ جَنّٰتِ عَدۡنٍ‌ؕ ذٰلِكَ الۡفَوۡزُ الۡعَظِيۡمُ ﴿۱۳﴾

١٣. (توهانجي ائين ڪرڻ تي) هو توهانجن گناهن کي معاف ڪندو ۽ توهانکي انهن جنتن ۾ داخل ڪندو جن جي هيٺان نهرون وهن ٿيون ۽ هميشه رهڻ وارين جنتن جي پاڪ گهرن ۾ (توهانکي رکيو ويندو) اها وڏي ڪاميابي آهي (جيڪا اهو توهانکي ڏيندو)

وَاُخۡرٰى تُحِبُّوۡنَهَا‌ؕ نَصۡرٌ مِّنَ اللّٰهِ وَفَتۡحٌ قَرِيۡبٌ‌ؕ وَبَشِّرِ الۡمُؤۡمِنِيۡنَ ﴿۱۴﴾

١٤. انهيءَ ڪانسواءِ هڪ ٻي شئي بہ آهي جنهن کي توهان ڏاڍو چاهيو ٿا اها الله جي تائيد آهي ۽ هڪ جلد حاصل ٿيڻ واري فتح آهي ۽ مومنن کي خوشخبري ڏي (تہ انهن کي هڪ ٻي جلد حاصل ٿيڻ واري فتح بہ ملندي).

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا كُوۡنُوۡۤا اَنۡصَارَ اللّٰهِ كَمَا قَالَ عِيۡسَى ابۡنُ مَرۡيَمَ لِلۡحَوَارِيّٖنَ مَنۡ اَنۡصَارِىۡۤ اِلَى اللّٰهِ‌ؕ قَالَ الۡحَوَارِيُّوۡنَ نَحۡنُ اَنۡصَارُ اللّٰهِ‌ فَاٰمَنَتۡ طَّآئِفَةٌ مِّنۡۢ بَنِىۡۤ اِسۡرَآءِيۡلَ وَكَفَرَتۡ طَّآئِفَةٌ‌ ۚ فَاَيَّدۡنَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا عَلٰى عَدُوِّهِمۡ فَاَصۡبَحُوۡا ظٰهِرِيۡنَ ﴿۱۵﴾

١٥. اي مومنو! توهان الله (جي دين) جا مددگار بنجي وڃو، جيئن عيسيٰ بن مريم جڏهين حوارين کي چيو تہ خدا جي (ويجهو وٺي وڃڻ وارن) ڪمن ۾ منهنجو ڪير مددگار آهي - تہ انهن چيو تہ اسان الله جي (دين جا) مددگار آهيون - پوءِ بني اسرائيل جي هڪ گروهہ تہ ايمان آندو، ۽ هڪ گروهہ انڪار ڪيو جنهن تي اسان مومنن جي انهن جي دشمنن جي خلاف مدد ڪئي ۽ مومن غالب اچي ويا.

سُوْرَةُ الْجُمُعَةِ مَدَنِيَّةٌ وَّهِيَ مَعَ الْبَسْمَلَةِ اِثْنَتَا عَشَرَةَ اٰيَةً وَّرُكُوْعَانِ

سورت جمعہ ۔ ھيءَ سورت مدني آهي ۽ بسم الله سميت هن جون ٻارنهن آيتون ۽ ٻہ رڪوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ①

١ـ (مان) الله جو نالو وٺي جيڪو بيحد ڪرم ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي (پڙهانٿو)

يُسَبِّحُ لِلّٰهِ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ الْمَلِكِ الْقُدُّوْسِ الْعَزِيْزِ الْحَكِيْمِ ②

٢ـ آسمانن ۽ زمين ۾ جيڪي ڪي آهي اهو الله جي تسبيح ڪريٿو انهيءَ (الله) جي جيڪو بادشاهہ بہ آهي ۽ پاڪ (بہ آهي ۽ سڀني خوبين جو جامع) آهي ۽ غالب (۽) حڪمت وارو آهي.

هُوَ الَّذِيْ بَعَثَ فِي الْاُمِّيّٖنَ رَسُوْلًا مِّنْهُمْ يَتْلُوْا عَلَيْهِمْ اٰيٰتِهٖ وَيُزَكِّيْهِمْ وَيُعَلِّمُهُمُ الْكِتٰبَ وَالْحِكْمَةَ ۗ وَاِنْ كَانُوْا مِنْ قَبْلُ لَفِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ ③

٣ـ اهوئي خدا آهي، جنهن هڪ اڻ پڙهيل قوم ڏانهن انهيءَ مان هڪ شخص کي رسول بڻائي موڪليو (جيڪو اڻ پڙهيل هوندي بہ) انهن کي خدا جا حڪم پڙهائي ٿو، ۽ انهن کي پاڪ ڪري ٿو ۽ انهن کي ڪتاب ۽ حڪمت سيکاري ٿو۔ حالانڪ اهي انهيءَ کان پهرين وڏي ڀل ۾ هئا.

وَّاٰخَرِيْنَ مِنْهُمْ لَمَّا يَلْحَقُوْا بِهِمْ ۗ وَهُوَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ④

٤ـ ۽ انهن کانسواءِ هڪ ٻي قوم ۾ بہ هو انهيءَ کي موڪليندو جيڪا اڃا تائين انهيءَ سان نہ ملي آهي ۽ اهو غالب (۽) حڪمت وارو آهي.

ذٰلِكَ فَضْلُ اللّٰهِ يُؤْتِيْهِ مَنْ يَّشَآءُ ۗ وَاللّٰهُ ذُو الْفَضْلِ الْعَظِيْمِ ⑤

٥ـ اهو الله جو فضل آهي جنهن کي چاهي ٿو ڏئي ٿو ۽ الله وڏي فضل وارو آهي.

مَثَلُ الَّذِيْنَ حُمِّلُوا التَّوْرٰىةَ ثُمَّ لَمْ يَحْمِلُوْهَا كَمَثَلِ الْحِمَارِ يَحْمِلُ اَسْفَارًا ۗ بِئْسَ مَثَلُ

٦ـ جن ماڻهن تي تورات جي فرمانبرداري واجب ڪئي وئي آهي، پر انهيءَ هوندي بہ انهن انهيءَ تي عمل نہ ڪيو، انهن جو مثال

الْقَوْمِ الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِ اللّٰهِ ۭ وَاللّٰهُ لَا يَهْدِي الْقَوْمَ الظّٰلِمِيْنَ ۝٥

گڏهہ وارو آهي. جنهن گهڻا ڪتاب کنيا هوندا آهن (پر ڄاڻندو ڪجهہ بہ نہ آهي) الله جي حڪمن کان انڪار ڪرڻ واري قوم جي حالت ڏاڍي بري هوندي آهي ۽ الله ظالم قوم کي ڪڏهين بہ ڪاميابي جو منهن نٿو ڏيکاري.

قُلْ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ هَادُوْٓا اِنْ زَعَمْتُمْ اَنَّكُمْ اَوْلِيَاۗءُ لِلّٰهِ مِنْ دُوْنِ النَّاسِ فَتَمَنَّوُا الْمَوْتَ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ۝٦

٧. تون چؤ. اي يهوديو! جيڪڏهين توهانجي اها دعويٰ آهي تہ توهان باقي دنيا کي ڇڏي الله جا دوست آهيو ۽ انهيءَ جي پناهہ ۾ آهيو تہ جيڪڏهين توهان (انهيءَ دعويٰ ۾) سچا آهيو. تہ موت جي خواهش ڪيو (يعني رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم سان مباهلو ڪيو).

وَلَا يَتَمَنَّوْنَهٗٓ اَبَدًاۢ بِمَا قَدَّمَتْ اَيْدِيْهِمْ ۭ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌۢ بِالظّٰلِمِيْنَ ۝٧

٨. پر اهي پنهن جن گذريل عملن جي سببان ڪڏهين بہ مباهلي جي لاءِ تيار نہ ٿيندا ۽ الله ظالمن کي چڱيءَ طرح ڄاڻي ٿو.

قُلْ اِنَّ الْمَوْتَ الَّذِيْ تَفِرُّوْنَ مِنْهُ فَاِنَّهٗ مُلٰقِيْكُمْ ثُمَّ تُرَدُّوْنَ اِلٰى عٰلِمِ الْغَيْبِ وَالشَّهَادَةِ فَيُنَبِّئُكُمْ بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ۝٨

٩. تون چؤ تہ اهو موت جنهن کان توهان ڀڄو ٿا، هڪ ڏينهن يقيڻ توهانکي اچي پڪڙيندو، پوءِ توهان ڳجهہ ۽ ظاهر جي ڄاڻڻ واري خدا ڏانهن موٽايا ويندا ۽ اهو توهانکي توهان جي عملن جي خبر ڏيندو.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِذَا نُوْدِيَ لِلصَّلٰوةِ مِنْ يَّوْمِ الْجُمُعَةِ فَاسْعَوْا اِلٰى ذِكْرِ اللّٰهِ وَذَرُوا الْبَيْعَ ۭ ذٰلِكُمْ خَيْرٌ لَّكُمْ اِنْ كُنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ۝٩

١٠. اي مومنو! جڏهين توهان کي جمعي جي ڏينهن نماز جي لاءِ سڏيو وڃي (يعني جمعي جي نماز لاءِ) تہ الله جي ذڪر جيلاءِ تڪڙا تڪڙا ويندا ڪيو ۽ (خريداري ۽) وڪري کي ڇڏي ڏيندا ڪيو. جيڪڏهين توهان ٿورو بہ علم رکو ٿا تہ اها توهانجي لاءِ سٺي ڳالهہ آهي.

فَاِذَا قُضِيَتِ الصَّلٰوةُ فَانْتَشِرُوْا فِي الْاَرْضِ

١١. ۽ جڏهين نماز ختم ٿي وڃي تہ زمين ۾

وَابْتَغُوْا مِنْ فَضْلِ اللّٰهِ وَاذْكُرُوا اللّٰهَ كَثِيْرًا لَّعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ ﴿١١﴾

پڪڙجي وڃو ۽ الله جو فضل تلاش ڪندا ڪيو الله کي ڏاڍو ياد ڪندا ڪيو. انهيءَ لاءِ تہ توهان ڪامياب ٿي وڃو.

وَاِذَا رَاَوْا تِجَارَةً اَوْ لَهْوًا اِنْفَضُّوْٓا اِلَيْهَا وَتَرَكُوْكَ قَآئِمًا ۭ قُلْ مَا عِنْدَ اللّٰهِ خَيْرٌ مِّنَ اللَّهْوِ وَمِنَ التِّجَارَةِ ۭ وَاللّٰهُ خَيْرُ الرّٰزِقِيْنَ ﴿١٢﴾ ع ٢

١٢. ۽ جڏهين اهي مائهو واپار يا راند جي ڳالهہ ڏسن ٿا تہ توکان جدا ٿي انهي ڏانهن هليا وڃن ٿا ۽ توکي اڪيلو ڇڏي ٿا ڏين تون انهن کي چؤ جيڪي ڪي الله وٽ آهي اهو راند جي ڳالهہ بلڪ واپار کان بہ سٺو آهي ۽ الله بهتر رزق ڏيڻ وارو آهي.

## سُوْرَةُ الْمُنٰفِقُوْنَ مَدَنِيَّةٌ وَّهِيَ مَعَ الْبَسْمَلَةِ اِثْنَتَا عَشْرَةَ اٰيَةً وَّرُكُوْعَانِ

**سورت منافقون - هي سورت مدني آهي ۽ بسم الله سميت هن جون ٻارهن آيتون ۽ ٻه رڪوع آهن.**

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ①

١- (مان) الله جو نالو وٺي جيڪو بيحد ڪرم ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي (پڙهانٿو)

اِذَا جَآءَكَ الْمُنٰفِقُوْنَ قَالُوْا نَشْهَدُ اِنَّكَ لَرَسُوْلُ اللّٰهِ ۘ وَاللّٰهُ يَعْلَمُ اِنَّكَ لَرَسُوْلُهٗ ؕ وَاللّٰهُ يَشْهَدُ اِنَّ الْمُنٰفِقِيْنَ لَكٰذِبُوْنَ ②

٢- جڏهين تو وٽ منافق اچن ٿا تہ اهي چون ٿا تہ اسان قسم کائي شاهدي ڏيون ٿا تہ تون الله جو رسول آهين - ۽ الله ڄاڻي ٿو تہ تون انهيءَ جو رسول آهين - پر (انهيءَ سان گڏ) الله قسم کائي شاهدي ڏئي ٿو تہ منافق ڪوڙا آهن.

اِتَّخَذُوْٓا اَيْمَانَهُمْ جُنَّةً فَصَدُّوْا عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ؕ اِنَّهُمْ سَآءَ مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ③

٣- انهن پنهن جن قسمن کي (تنهن جي پڪڙ کان بچڻ جي لاءِ) ڍال بنائي ڇڏيو آهي ۽ اهي الله جي رستي کان ماڻهن کي روڪين ٿا، جيڪي ڪي اهي ڪن ٿا ڏاڍو برو آهي.

ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ اٰمَنُوْا ثُمَّ كَفَرُوْا فَطُبِعَ عَلٰى قُلُوْبِهِمْ فَهُمْ لَا يَفْقَهُوْنَ ④

٤- اهو ڪم انهيءَ لاءِ ڪن ٿا جو انهن پهرين ايمان آندو پوءِ انهن انڪار ڪري ڇڏيو جنهن جي نتيجي ۾ انهن جي دلين تي مهر لڳائي وئي هاڻي اهي سمجهن نٿا.

وَاِذَا رَاَيْتَهُمْ تُعْجِبُكَ اَجْسَامُهُمْ ؕ وَاِنْ يَّقُوْلُوْا تَسْمَعْ لِقَوْلِهِمْ ؕ كَاَنَّهُمْ خُشُبٌ مُّسَنَّدَةٌ ؕ يَحْسَبُوْنَ كُلَّ صَيْحَةٍ عَلَيْهِمْ ؕ هُمُ الْعَدُوُّ فَاحْذَرْهُمْ ؕ قٰتَلَهُمُ اللّٰهُ ؗ اَنّٰى يُؤْفَكُوْنَ ⑤

٥- جڏهين تون انهن کي ڏسين ٿو تہ انهن جا مضبوط جسم توکي ڏاڍا وڻن ٿا. ۽ جيڪڏهين اهي ڪا ڳالهہ ڪن ٿا (تہ اهڙي شاندار طريقي سان جو) تون انهن جي ڳالهہ کي (حالتن کي جاڻڻ هوندي بہ) ٻڌين ٿو (اهي مجلس ۾ اهڙي طرح وينا هوندا آهن) ڄڻ تہ اهي وڏا شهتير آهن جيڪي (ڀت

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تُلْهِكُمْ اَمْوَالُكُمْ وَلَآ اَوْلَادُكُمْ عَنْ ذِكْرِ اللّٰهِ ۚ وَمَنْ يَّفْعَلْ ذٰلِكَ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْخٰسِرُوْنَ ۝١٠

١٠. اي مومنوا توهانكي توهانجو مال ۽ توهانجو اولاد الله جي ذڪر کان غافل نہ ڪري ڇڏين ۽ جيڪي ماڻهو ائين ڪندا، اهي ئي گهاٽو پائڻ وارا هوندا.

وَاَنْفِقُوْا مِنْ مَّا رَزَقْنٰكُمْ مِّنْ قَبْلِ اَنْ يَّاْتِيَ اَحَدَكُمُ الْمَوْتُ فَيَقُوْلَ رَبِّ لَوْلَآ اَخَّرْتَنِيْٓ اِلٰٓى اَجَلٍ قَرِيْبٍ ۙ فَاَصَّدَّقَ وَاَكُنْ مِّنَ الصّٰلِحِيْنَ ۝١١

١١. ۽ (مومنوا) جيڪي ڪي اسان توهانکي ڏنو آهي انهي مان موت اچڻ کان پهرين خرچ ڪيو. تہ ائين نہ ٿئي جو (جڏهين موت اچي تہ خرچ نہ ڪرڻ واري ڪي) چوڻو پوي تہ اي منهنجا رب! تو مون کي ڇو نہ ٿورڙي مهلت ڏني جو مان انهيءَ (مهلت) ۾ ڪجهہ صدقو ڪري وٺان ها ۽ نيڪ بنجي وڃان ها.

وَلَنْ يُّؤَخِّرَ اللّٰهُ نَفْسًا اِذَا جَآءَ اَجَلُهَا ۚ وَاللّٰهُ خَبِيْرٌ ۢ بِمَا تَعْمَلُوْنَ ۝١٢ ع

١٢. پر جڏهين ڪنهن نفس جو موت اچي وڃيٿو تہ الله انهيءَ کي مهلت نہ ڏيندو آهي ۽ الله توهانجن عملن کان واقف آهي.

## سُوْرَةُ التَّغَابُنِ مَدَنِيَّةٌ وَّهِيَ مَعَ الْبَسْمَلَةِ تِسْعَ عَشْرَةَ اٰيَةً وَّرُكُوْعَانِ

سورت تغابن ـ هيءَ سورت مدني آهي ۽ بسم الله سميت هن جون اڻويهه آيتون ۽ ٻه رڪوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ①

١ـ (مان) الله جو نالو وٺي جيڪو بيحد ڪرم ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي (پڙهانٿو)

يُسَبِّحُ لِلّٰهِ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ لَهُ الْمُلْكُ وَلَهُ الْحَمْدُ وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ②

٢ـ آسمانن ۽ زمين ۾ جيڪي ڪي آهي الله جي تسبيح ڪري رهيو آهي ـ بادشاهت به انهيءَ جي آهي ۽ تعريف به انهيءَ جي آهي ۽ اهو هر شيءِ تي قادر آهي.

هُوَ الَّذِيْ خَلَقَكُمْ فَمِنْكُمْ كَافِرٌ وَّمِنْكُمْ مُّؤْمِنٌ وَاللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرٌ ③

٣ـ اهوئي آهي جنهن توهان کي پيدا ڪيو آهي ـ پوءِ توهان مان ڪوته ڪافر بنجي وڃي ٿو ۽ ڪو مومن بنجي وڃيٿو ـ ۽ الله توهانجن عملن کي ڏسي رهيو آهي.

خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ بِالْحَقِّ وَصَوَّرَكُمْ فَاَحْسَنَ صُوَرَكُمْ وَاِلَيْهِ الْمَصِيْرُ ④

٤ـ آسمانن ۽ زمين کي هن هڪ خاص مقصد لاءِ ٺاهيو آهي ۽ انهيءَ توهانجون صورتون بنايون آهن ۽ توهانجن صورتن کي تمام سهڻو بنايو آهي ۽ انهيءَ ڏانهن توهانکي موٽي وڃڻو آهي.

يَعْلَمُ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَيَعْلَمُ مَا تُسِرُّوْنَ وَمَا تُعْلِنُوْنَ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌ بِذَاتِ الصُّدُوْرِ ⑤

٥ـ آسمانن ۽ زمين ۾ جيڪي ڪي آهي انهيءَ کي ڄاڻي ٿو ـ ۽ انهيءَ کي به ڄاڻي ٿو جنهن کي توهان لڪايو ٿا يا ظاهر ڪيو ٿا ۽ الله دل جي ڳالهين کي به ڄاڻي ٿو.

اَلَمْ يَاْتِكُمْ نَبَؤُا الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْ قَبْلُ فَذَاقُوْا وَبَالَ اَمْرِهِمْ وَلَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ⑥

٦ـ ڇا توهانکي پاڻ کان پهرين ڪافرن جون خبرون نه پهتيون ـ انهن پنهن جن عملن جي سزا پوڳي ۽ انهن جيلاءِ دردناڪ عذاب

(مقرر) آهي.

ذٰلِكَ بِاَنَّهٗ كَانَتْ تَّاْتِيْهِمْ رُسُلُهُمْ بِالْبَيِّنٰتِ
فَقَالُوْٓا اَبَشَرٌ يَّهْدُوْنَنَا ۡ فَكَفَرُوْا وَتَوَلَّوْا وَّ
اسْتَغْنَى اللّٰهُ ۭ وَاللّٰهُ غَنِيٌّ حَمِيْدٌ ۝

۷. اهو انهيءَ ڪري ٿيو جو انهن وٽ انهن جا رسول دليل کڻي ايندا رهيا پر اهي اهوئي جواب ڏيندا رهيا تہ ڇا انساني شڪل ۾ اچڻ وارا ماڻهو ٿي اسانکي هدايت ڏيندا (جيڪڏهين هدايت ڏيڻي هجي ها تہ فرشتا آسمان مان لهن ها) سو انهن ڪفر ڪيو ۽ پٺي ڦيري ويا ۽ الله بہ انهن جي ايمان کان بي نيازي ظاهر ڪئي ۽ الله هر هڪ کان بي احتياج (۽) وڏين تعريفن جو مستحق آهي.

زَعَمَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا اَنْ لَّنْ يُّبْعَثُوْا ۭ قُلْ بَلٰى وَرَبِّيْ
لَتُبْعَثُنَّ ثُمَّ لَتُنَبَّؤُنَّ بِمَا عَمِلْتُمْ ۭ وَذٰلِكَ عَلَى
اللّٰهِ يَسِيْرٌ ۝٨

٨. ڪافر خيال ڪن ٿا تہ ڪڏهين بہ اهي (زنده ڪري) نہ اٿاريا ويندا تون چئو جهڙي طرح توهان خيال ڪيو ٿا ائين نہ ٿيندو - پر مون کي پنهن جي رب جو قسم توهانکي زنده ڪري اٿاريو ويندو. پوءِ توهانکي توهانجن عملن کان واقف ڪيو ويندو ۽ اها ڳالهہ الله لاءِ آسان آهي.

فَاٰمِنُوْا بِاللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ وَالنُّوْرِ الَّذِيْٓ اَنْزَلْنَا ۭ وَاللّٰهُ
بِمَا تَعْمَلُوْنَ خَبِيْرٌ ۝٩

٩. پوءِ انسانو! الله ۽ انهيءَ جي رسول تي ايمان آڻيو ۽ انهيءَ نور (يعني قرآن) تي بہ جيڪو اسان لاٿو آهي ۽ الله توهانجن عملن کان خبردار آهي.

يَوْمَ يَجْمَعُكُمْ لِيَوْمِ الْجَمْعِ ذٰلِكَ يَوْمُ التَّغَابُنِ ۭ
وَمَنْ يُّؤْمِنْ بِاللّٰهِ وَيَعْمَلْ صَالِحًا يُّكَفِّرْ عَنْهُ
سَيِّاٰتِهٖ وَيُدْخِلْهُ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ
خٰلِدِيْنَ فِيْهَآ اَبَدًا ۭ ذٰلِكَ الْفَوْزُ الْعَظِيْمُ ۝١٠

١٠. جنهن ڏينهن توهان سڀني کي گڏ ڪرڻ واري ڏينهن (يعني قيامت جي ڏينهن جيئرو ڪري) جمع ڪندو اهو هار ڪٽ جي فيصلي جو ڏينهن هوندو. ۽ جيڪو الله تي ايمان آڻيٿو ۽ انهيءَ جي مطابق عمل ڪري ٿو الله بہ انهيءَ جي بدين کي ڍڪي ڇڏي ٿو ۽ انهيءَ کي اهڙين جنتن ۾ داخل ڪري ٿو جن جي هيٺان نهرون وهن ٿيون - اهي هميشہ

جيلاء انهيءَ ۾ رهندا ايندا، اها تمام وڏي ڪاميابي آهي.

وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَكَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَآ اُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ النَّارِ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ۭ وَبِئْسَ الْمَصِيْرُ ؀ۧ

١١- ۽ جن ڪفر ڪيو ۽ اسانجن آيتن کي ڪوڙو ڪيو اهي دوزخي آهن (۽) اهي هميشه دوزخ ۾ رهندا ايندا ۽ اهو ڏاڍو برو ٺڪاڻو آهي.

مَآ اَصَابَ مِنْ مُّصِيْبَةٍ اِلَّا بِاِذْنِ اللّٰهِ ۭ وَمَنْ يُّؤْمِنْۢ بِاللّٰهِ يَهْدِ قَلْبَهٗ ۭ وَاللّٰهُ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمٌ ؀

١٢- ڪابه مصيبت نٿي اچي، سواءِ الله جي حڪم سان ۽ جيڪو الله تي ايمان آڻي ٿو، هو انهيءَ جي دل کي ڪاميابيءَ جي طريقن ڏانهن ڦيرائي ڇڏي ٿو ۽ الله هر شيءِ کي ڄاڻي ٿو.

وَاَطِيْعُوا اللّٰهَ وَاَطِيْعُوا الرَّسُوْلَ ۚ فَاِنْ تَوَلَّيْتُمْ فَاِنَّمَا عَلٰي رَسُوْلِنَا الْبَلٰغُ الْمُبِيْنُ ؀

١٣- ۽ الله ۽ رسول جي فرمانبرداري ڪيو. پر جيڪڏهين توهان ڦري وڃو، تہ اسانجي رسول تي صرف کولي ڳالهہ پهچائي ڇڏڻ ئي فرض آهي.

اَللّٰهُ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۭ وَعَلَي اللّٰهِ فَلْيَتَوَكَّلِ الْمُؤْمِنُوْنَ ؀

١٤- الله ڪانسواءِ ڪوبہ معبود ڪونهي ۽ مومنن کي الله تي ئي توڪل ڪرڻ گهرجي.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِنَّ مِنْ اَزْوَاجِكُمْ وَاَوْلَادِكُمْ عَدُوًّا لَّكُمْ فَاحْذَرُوْهُمْ ۚ وَاِنْ تَعْفُوْا وَتَصْفَحُوْا وَتَغْفِرُوْا فَاِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ؀

١٥- اي مومنو! توهانجن زالن ۽ اولاد مان ڪي اهڙا آهن جيڪي توهانجا دشمن آهن پوءِ انهن کان هوشيار رهو ۽ جيڪڏهين توهان معافي کان ڪم وٺو ۽ درگذر ڪيو ۽ معاف ڪيو تہ الله وڏو معاف ڪرڻ وارو (۽) بي انتها ڪرم ڪرڻ وارو آهي.

اِنَّمَآ اَمْوَالُكُمْ وَاَوْلَادُكُمْ فِتْنَةٌ ۭ وَاللّٰهُ عِنْدَهٗٓ اَجْرٌ عَظِيْمٌ ؀

١٦- توهانجو مال ۽ توهان جا اولاد صرف هڪ آزمائش جو ذريعو آهن ۽ الله وٽ وڏو اجر آهي.

فَاتَّقُوا اللّٰهَ مَا اسْتَطَعْتُمْ وَاسْمَعُوْا وَاَطِيْعُوْا وَ

١٧- پوءِ جيترو ٿي سگهي الله جي تقويٰ اختيار ڪيو ۽ انهيءَ جي ڳالهہ ٻڌو ۽ انهيءَ

أَنفِقُوا خَيْرًا لِّأَنفُسِكُمْ ۗ وَمَن يُوقَ شُحَّ نَفْسِهِ فَأُولَٰئِكَ هُمُ الْمُفْلِحُونَ ﴿١٦﴾

جي فرمانبرداري ڪيو ۽ پنهن جو مال انهيءَ جي راهہ ۾ خرچ ڪندا رهو. اهو توهانجي جانين جي لاءِ بهتر ٿيندو ۽ جيڪي ماڻهو پنهن جي دل جي بخل کان بچايا ويندا آهن اهي ڪامياب ٿيندا آهن.

إِن تُقْرِضُوا اللَّهَ قَرْضًا حَسَنًا يُضَاعِفْهُ لَكُمْ وَيَغْفِرْ لَكُمْ ۚ وَاللَّهُ شَكُورٌ حَلِيمٌ ﴿١٧﴾

١٨. جيڪڏهين توهان الله جي لاءِ پنهن جي مالن مان هڪ سٺو حصو ڪٽي الڳ ڪري ڇڏيو تہ هو انهيءَ حصي کي توهانجي لاءِ وڌائيندو ۽ توهانجي لاءِ بخشش جو سامان پيدا ڪندو ۽ الله وڏو قدردان (۽) هر ڳالهہ سمجهڻ وارو آهي.

عَالِمُ الْغَيْبِ وَالشَّهَادَةِ الْعَزِيزُ الْحَكِيمُ ﴿١٨﴾ ع ٢

١٩. اهو حاضر ۽ غائب کي ڄاڻي ٿو ۽ غالب (۽) حڪمت وارو آهي.

سُوْرَةُ الطَّلَاقِ مَدَنِيَّةٌ وَّهِيَ مَعَ الْبَسْمَلَةِ ثَلٰثَ عَشْرَةَ اٰيَةً وَّرُكُوْعَانِ

**سورت طلاق - هي سورت مدني آهي ۽ بسم الله سميت هن جون تيرهن آيتون ۽ ٻہ رڪوع آهن.**

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ①

١- (مان) الله جو نالو وٺي جيڪو بيحد ڪرم ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي (پڙهانئو)

يٰۤاَيُّهَا النَّبِيُّ اِذَا طَلَّقْتُمُ النِّسَآءَ فَطَلِّقُوْهُنَّ لِعِدَّتِهِنَّ وَاَحْصُوا الْعِدَّةَ ۚ وَاتَّقُوا اللّٰهَ رَبَّكُمْ ۚ لَا تُخْرِجُوْهُنَّ مِنْۢ بُيُوْتِهِنَّ وَلَا يَخْرُجْنَ اِلَّاۤ اَنْ يَّاْتِيْنَ بِفَاحِشَةٍ مُّبَيِّنَةٍ ۗ وَتِلْكَ حُدُوْدُ اللّٰهِ ۗ وَمَنْ يَّتَعَدَّ حُدُوْدَ اللّٰهِ فَقَدْ ظَلَمَ نَفْسَهٗ ۗ لَا تَدْرِيْ لَعَلَّ اللّٰهَ يُحْدِثُ بَعْدَ ذٰلِكَ اَمْرًا ②

٢- اي نبي! (۽ سندس مجڻ وارا) جڏهين توهان زالن کي طلاق ڏيو تہ انهن کي مقرر ڪيل وقت جي مطابق طلاق ڏيو ۽ (طلاق کانپوءِ) وقت جو اندازو رکو ۽ الله جي جيڪو توهان جو رب آهي تقويٰ اختيار ڪيو. انهن کي انهن جي گهرن مان نہ ڪڍو ۽ نہ اهي خود نڪرن سواءِ انهيءَ جي جو اهي هڪ پڌري گناهہ جون ڏوهي هجن - ۽ اهي الله جون حدون آهن ۽ جيڪو بہ الله جي حدن کي ٽوڙي ٿو اهو پنهن جي جان تي ظلم ٿو ڪري (اي طلاق ڏيڻ وارا!) توکي معلوم ڪونهي تہ شايد الله انهيءَ واقعي کانپوءِ ڪجهہ ٻيو ظاهر ڪري.

فَاِذَا بَلَغْنَ اَجَلَهُنَّ فَاَمْسِكُوْهُنَّ بِمَعْرُوْفٍ اَوْ فَارِقُوْهُنَّ بِمَعْرُوْفٍ وَّاَشْهِدُوْا ذَوَيْ عَدْلٍ مِّنْكُمْ وَاَقِيْمُوا الشَّهَادَةَ لِلّٰهِ ۗ ذٰلِكُمْ يُوْعَظُ بِهٖ مَنْ كَانَ يُؤْمِنُ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ ۗ وَمَنْ يَّتَّقِ اللّٰهَ يَجْعَلْ لَّهٗ مَخْرَجًا ③

٣- پوءِ جڏهين عورتون عدت جي آخري حد کي پهچي وڃن تہ انهن کي مناسب طريقي سان روڪيو يا انهن کي مناسب طريقي سان جڏي ڏيو ۽ پاڻ منجهان ٻہ منصف شاهد مقرر ڪيو ۽ خدا جي لاءِ سچي شاهدي ڏيو - توهان مان جيڪو بہ الله ۽ آخرت جي ڏينهن تي ايمان آڻي ٿو انهيءَ کي هيءَ نصيحت ڪئي وڃي ٿي ۽ جيڪو ماڻهو الله جي تقويٰ اختيار ڪندو الله انهيءَ جيلاءِ ڪو نہ ڪو

رستو ڪڍندو.

وَّيَرْزُقْهُ مِنْ حَيْثُ لَا يَحْتَسِبُ ۚ وَمَنْ يَّتَوَكَّلْ عَلَى اللّٰهِ فَهُوَ حَسْبُهٗ ۚ اِنَّ اللّٰهَ بَالِغُ اَمْرِهٖ ۚ قَدْ جَعَلَ اللّٰهُ لِكُلِّ شَيْءٍ قَدْرًا ﴿٣﴾

۴- ۽ انهيءَ کي اتان رزق ڏيندو جتان رزق اچڻ جو انهيءَ کي خيال بہ نہ هوندو ۽ جيڪو بہ الله تي توڪل ڪري ٿو اهو (الله) انهيءَ جي لاءِ ڪافي آهي الله يقينن پنهن جي مقصد کي پورو ڪري ڇڏي ٿو الله هر شيءِ جو اندازو مقرر ڪري ڇڏيو آهي.

وَالّٰٓـئِيْ يَئِسْنَ مِنَ الْمَحِيْضِ مِنْ نِّسَآئِكُمْ اِنِ ارْتَبْتُمْ فَعِدَّتُهُنَّ ثَلٰثَةُ اَشْهُرٍ ۙ وَّالّٰٓـئِيْ لَمْ يَحِضْنَ ۚ وَاُولَاتُ الْاَحْمَالِ اَجَلُهُنَّ اَنْ يَّضَعْنَ حَمْلَهُنَّ ۚ وَمَنْ يَّتَّقِ اللّٰهَ يَجْعَلْ لَّهٗ مِنْ اَمْرِهٖ يُسْرًا ﴿٥﴾

۵- ۽ (توهانجن زالن مان) اهي (عورتون) جيڪي حيض کان مايوس ٿي چڪيو هجن جيڪڏهين (انهن جي عدت جي متعلق) توهانکي شڪ هجي تہ انهن جي عدت ٽي مهينا آهي ۽ اهڙي طرح انهن جي بہ جن کي حيض نٿو اچي - ۽ جن عورتن کي پيٽ هجي انهن جي عدت ٻار ڄڻڻ تائين آهي ۽ جيڪو بہ الله جي تقويٰ اختيار ڪري الله ضرور انهيءَ جي معاملي ۾ آساني پيدا ڪري ڇڏي ٿو.

ذٰلِكَ اَمْرُ اللّٰهِ اَنْزَلَهٗٓ اِلَيْكُمْ ۚ وَمَنْ يَّتَّقِ اللّٰهَ يُكَفِّرْ عَنْهُ سَيِّاٰتِهٖ وَيُعْظِمْ لَهٗٓ اَجْرًا ﴿٦﴾

٦- اهو الله جو حڪم آهي جو انهيءَ توهان لاءِ لاٿو آهي ۽ جيڪو بہ الله جي تقويٰ اختيار ڪري اهو (خدا) انهيءَ جون بديون مٽائي ڇڏي ٿو ۽ انهيءَ جي اجر کي وڌائي ڇڏي ٿو.

اَسْكِنُوْهُنَّ مِنْ حَيْثُ سَكَنْتُمْ مِّنْ وُّجْدِكُمْ وَلَا تُضَآرُّوْهُنَّ لِتُضَيِّقُوْا عَلَيْهِنَّ ۚ وَاِنْ كُنَّ اُولَاتِ حَمْلٍ فَاَنْفِقُوْا عَلَيْهِنَّ حَتّٰى يَضَعْنَ حَمْلَهُنَّ ۚ فَاِنْ اَرْضَعْنَ لَكُمْ فَاٰتُوْهُنَّ اُجُوْرَهُنَّ ۚ وَاْتَمِرُوْا بَيْنَكُمْ بِمَعْرُوْفٍ ۚ وَاِنْ تَعَاسَرْتُمْ فَسَتُرْضِعُ لَهٗٓ اُخْرٰى ﴿٧﴾

٧- (اي مسلمانو! طلاق ڏنل عورتن جي حق کي نہ وساريو) انهن کي اتي رکو جتي توهان پنهن جي طاقت جي مطابق رهو ٿا- ۽ انهن کي ڪنهن بہ قسم جو نقصان نہ پهچايو انهيءَ لاءِ تہ انهن کي تنگ ڪري (گهر کان) ڪڍي ڇڏيو - ۽ جيڪڏهين اهي پيٽ واريون هجن تہ انهيءَ وقت تائين انهن

تي خرچ ڪيو جيستائين ٻار ڄمي ۽ جيڪڏهن اهي توهانجي لاءِ ٻارن کي کير پيارين تہ انهن کي مناسب مزوري ڏيو، ۽ انهي جو فيصلو نيت مطابق هڪ ٻئي جي صلاح سان ڪيو. ۽ جيڪڏهن پاڻ ۾ ڪنهن فيصلي تي ٻڪراءِ نہ ٿيو تہ ڪا ٻي عورت انهيءَ ٻار کي کير پياري.

لِيُنْفِقْ ذُوْ سَعَةٍ مِّنْ سَعَتِهٖ ۭ وَ
مَنْ قُدِرَ عَلَيْهِ رِزْقُهٗ فَلْيُنْفِقْ
مِمَّآ اٰتٰىهُ اللّٰهُ ۭ لَا يُكَلِّفُ اللّٰهُ نَفْسًا
اِلَّا مَآ اٰتٰىهَا ۭ سَيَجْعَلُ اللّٰهُ بَعْدَ
عُسْرٍ يُّسْرًا ﴿٨﴾ ع

٨. گهرجي تہ مالدار مرد (کير پيارڻ واري عورت تي) پنهن جي طاقت مطابق خرچ ڪري ۽ جيڪو مالدار نہ آهي، اهو الله جي ڏني جي مطابق خرچ ڪري الله ڪنهن بہ نفس کي اهڙا حڪم نٿو ڏيئي جيڪي سندس طاقت کان ٻاهر هجن بلڪ اهڙائي حڪم ڏني ٿو جن کي پوري ڪرڻ جي توفيق بہ ڪيس بخشي هجي . اهڙيءَ طرح جيڪڏهن ڪو بہ شخص خدا جي حڪم تي عمل ڪندي کير پيارڻ واري عورت جي مزدوري صحيح طور تي ڏيندو تہ جيڪڏهن اهو تنگيءَ جي حالت ۾ بہ آهي تہ الله انهيءَ کانپوءِ انهيءَ جي لاءِ آسودگيءَ جي حالت پيدا ڪري ڇڏيندو.

وَكَاَيِّنْ مِّنْ قَرْيَةٍ عَتَتْ عَنْ اَمْرِ رَبِّهَا وَرُسُلِهٖ
فَحَاسَبْنٰهَا حِسَابًا شَدِيْدًا ۙ وَّعَذَّبْنٰهَا عَذَابًا نُّكْرًا ﴿٩﴾

٩. ۽ ڪيترائي ڳوٺ آهن جن پنهن جي رب جي حڪم جو ۽ رسولن جو انڪار ڪيو . انهيءَ تي اسان انهن کان ڏاڍي سختيءَ سان حساب ورتو ۽ انهن تي وڏو عذاب نازل ڪيو.

فَذَاقَتْ وَبَالَ اَمْرِهَا وَكَانَ عَاقِبَةُ اَمْرِهَا
خُسْرًا ﴿١٠﴾

١٠. ۽ انهن پنهن جي ڪئي جي سزا ڀوڳي ۽ انهن جي پڇاڙي گهاٽو نڪتو.

اَعَدَّ اللّٰهُ لَهُمْ عَذَابًا شَدِيْدًا ۙ فَاتَّقُوا اللّٰهَ يٰاُولِي

١١-١٢. اهڙن ماڻهن جي لاءِ الله سخت عذاب مقرر ڪيو آهي پوءِ اي مومنن مان عقلمندو!

الْأَلْبَابِ ۛ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا ۛ قَدْ اَنْزَلَ اللّٰهُ اِلَيْكُمْ ذِكْرًا ⑪
رَّسُوْلًا يَّتْلُوْا عَلَيْكُمْ اٰيٰتِ اللّٰهِ مُبَيِّنٰتٍ لِّيُخْرِجَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ مِنَ الظُّلُمٰتِ اِلَى النُّوْرِ ۭ وَمَنْ يُّؤْمِنْۢ بِاللّٰهِ وَيَعْمَلْ صَالِحًا يُّدْخِلْهُ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَآ اَبَدًا ۭ قَدْ اَحْسَنَ اللّٰهُ لَهٗ رِزْقًا ⑫

الله جي تقوي اختيار ڪيو. الله توهانجي لاءِ شرف جو سامان يعني رسول نازل ڪيو آهي جيڪو توهانکي الله جون اهڙيون آيتون ٻڌائي ٿو جيڪي (هو نيڪي ۽ بديءَ کي) ظاهر ڪري ڇڏين ٿيون جنهن جو نتيجو اهو ٿو ٿئي تہ مومن ماڻهو جيڪي پنهن جي ايمان جي مطابق عمل ڪن ٿا، اهي اونداهين مان نڪري سوجهري ۾ اچي وڃن ٿا ۽ جيڪو بہ الله تي ايمان آڻي ۽ انهيءَ جي مطابق عمل ڪري. هو انهيءَ کي اهڙين جنتن ۾ داخل ڪندو جن جي هيٺان نهرون وهنديون هونديون. اهي انهيءَ ۾ هميشه رهندا ايندا الله اهڙي شخص کي ڏاڍي پسنديده روزي عطا فرمائي آهي.

اَللّٰهُ الَّذِيْ خَلَقَ سَبْعَ سَمٰوٰتٍ وَّمِنَ الْاَرْضِ مِثْلَهُنَّ ۭ يَتَنَزَّلُ الْاَمْرُ بَيْنَهُنَّ لِتَعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ عَلٰي كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ۙ وَّاَنَّ اللّٰهَ قَدْ اَحَاطَ بِكُلِّ شَيْءٍ عِلْمًا ⑬

١٣. الله اهوئي آهي جنهن ست آسمان پيدا ڪيا آهن ۽ زمينون بہ آسمانن جي عدد مطابق (پيدا ڪيون آهن) انهن (آسمانن ۽ زمينن) جي وچ ۾ انهيءَ جو حڪم نازل ٿيندو رهي ٿو انهيءَ لاءِ تہ توهان سمجهي وڃو تہ الله هر شيءِ تي قادر آهي ۽ اهڙي طرح الله هر شيءِ جو علم سان گهيرو ڪيو آهي.

سُوْرَةُ التَّحْرِيْمِ مَدَنِيَّةٌ وَّهِيَ مَعَ الْبَسْمَلَةِ ثَلٰثَ عَشْرَةَ اٰيَةً وَّرُكُوْعَانِ

سورت تحريم - هيءَ سورت مدني آهي ۽ بسم الله سميت هن جون تيرهن آيتون ۽ ٻہ رڪوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ①

١- (مان) الله جو نالو وٺي جيڪو بيحد ڪرم ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي (پڙهانٽو)

يٰٓاَيُّهَا النَّبِيُّ لِمَ تُحَرِّمُ مَآ اَحَلَّ اللّٰهُ لَكَ ۚ تَبْتَغِيْ مَرْضَاتَ اَزْوَاجِكَ ۗ وَاللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ②

٢- اي نبي! تون انهيءَ (شيءِ) کي ڇو حرام ڪرين ٿو جنهن کي الله تنهن جي لاءِ حلال ڪيو آهي تون پنهن جن زالن جي خوشي گهرين ٿو ۽ الله گهڻو بخشڻ وارو (۽) بي انتها ڪرم ڪرڻ وارو آهي.

قَدْ فَرَضَ اللّٰهُ لَكُمْ تَحِلَّةَ اَيْمَانِكُمْ ۚ وَاللّٰهُ مَوْلٰىكُمْ ۚ وَهُوَ الْعَلِيْمُ الْحَكِيْمُ ③

٣- الله توهانتي اهڙن قسمن جي کولڻ کي واجب ڪيو آهي (جن مان فتنو پيدا ٿئي) ۽ الله توهانجو آقا آهي ۽ اهو گهڻو ڄاڻڻ وارو (۽) حڪمت وارو آهي.

وَاِذْ اَسَرَّ النَّبِيُّ اِلٰى بَعْضِ اَزْوَاجِهٖ حَدِيْثًا ۚ فَلَمَّا نَبَّاَتْ بِهٖ وَاَظْهَرَهُ اللّٰهُ عَلَيْهِ عَرَّفَ بَعْضَهٗ وَاَعْرَضَ عَنْۢ بَعْضٍ ۚ فَلَمَّا نَبَّاَهَا بِهٖ قَالَتْ مَنْ اَنْۢبَاَكَ هٰذَا ۗ قَالَ نَبَّاَنِيَ الْعَلِيْمُ الْخَبِيْرُ ④

٤- ۽ ياد ڪيو جڏهين نبيءَ پنهن جن زالن مان ڪنهن هڪ کي هڪ ڳجهي ڳالهہ چئي. پوءِ جيڪڏهين هن اها ڳالهہ ڪنهن کي ٻڌائي ڇڏي ۽ الله انهيءَ (ڪمزوريءَ) جي خبر انهيءَ (يعني نبي) کي ڏني، تہ انهيءَ، (ڳالهہ جو) ڪجهہ حصو زال کي ٻڌائي ڇڏيو ۽ ڪجهہ حصي کان پردهہ پوشي ڪئي، پوءِ جڏهين هن انهي واقعي جي خبر انهيءَ (زال) کي ڏني تہ انهيءَ چيو تہ توهانکي اها خبر ڪنهن ڏني آهي انهيءَ تي هن (يعني نبي) چيو تہ مونکي وڏي علم واري (۽) ڄاڻندڙ خدا خبر ڏني آهي.

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا تُوْبُوْۤا اِلَى اللّٰهِ
تَوْبَةً نَّصُوْحًا ؕ عَسٰى رَبُّكُمْ اَنْ يُّكَفِّرَ
عَنْكُمْ سَيِّاٰتِكُمْ وَ يُدْخِلَكُمْ جَنّٰتٍ
تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ ۙ يَوْمَ لَا يُخْزِي
اللّٰهُ النَّبِيَّ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مَعَهٗ ۚ نُوْرُهُمْ يَسْعٰى
بَيْنَ اَيْدِيْهِمْ وَ بِاَيْمَانِهِمْ يَقُوْلُوْنَ رَبَّنَاۤ اَتْمِمْ
لَنَا نُوْرَنَا وَ اغْفِرْ لَنَا ۚ اِنَّكَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ⑨

٩. اي مومنو! الله جي طرف سچائيءَ سان توبهہ ڪيو (منافقت جي ڪابہ ملاوت نہ هجي) ڪوبہ تعجب ڪونهي جو توهانجو رب توهانجن بدين کي مٽائي ڇڏي ۽ توهانکي اهڙين جنتن ۾ داخل ڪري جن جي هيٺان نهرون وهن ٿيون انهيءَ ڏينهن جنهن ڏينهن الله پنهن جي نبيءَ کي خوار نہ ڪندو ۽ نہ انهن ماڻهن کي جن انهيءَ سان گڏ ايمان آندو آهي انهن جو نور انهن جي آڏو بہ پئجندو ويندو ۽ ساڄي پاسي سان گڏو گڏ بہ. اهي چوندا اي اسانجا رب! اسانجو نور اسانجي فائدي لاءِ پورو ڪر ۽ اسان کي معاف ڪر، تون هر شيءِ تي قادر آهين.

يٰۤاَيُّهَا النَّبِيُّ جَاهِدِ الْكُفَّارَ وَالْمُنٰفِقِيْنَ
وَاغْلُظْ عَلَيْهِمْ ؕ وَمَاْوٰىهُمْ جَهَنَّمُ ؕ وَ
بِئْسَ الْمَصِيْرُ ⑩

١٠. اي نبي! ڪافرن ۽ منافقن جي خلاف چڱيءَ طرح تبليغ ڪر ۽ انهن جو ڪوبہ اثر قبول نہ ڪر ۽ (سمجهہ تہ) انهن جو ٺڪاڻو جهنم آهي ۽ اهو ڏاڍو برو ٺڪاڻو آهي.

ضَرَبَ اللّٰهُ مَثَلًا لِّلَّذِيْنَ كَفَرُوا
امْرَاَتَ نُوْحٍ وَّ امْرَاَتَ لُوْطٍ ؕ كَانَتَا
تَحْتَ عَبْدَيْنِ مِنْ عِبَادِنَا صَالِحَيْنِ
فَخَانَتٰهُمَا فَلَمْ يُغْنِيَا عَنْهُمَا مِنَ اللّٰهِ
شَيْئًا وَّقِيْلَ ادْخُلَا النَّارَ مَعَ الدّٰخِلِيْنَ ⑪

١١. الله ڪافرن جي حالت نوح ۽ لوط جي زالن جهڙي بيان ڪري ٿو اهي ٻئي اسانجن نيڪ ٻانهن جي نڪاح ۾ هيون . پر انهن ٻنهي انهن ٻنهي (ٻانهن) جي خيانت ڪئي هئي ۽ اهي ٻئي الاهي عذاب جي وقت انهن (زالن) جي ڪنهن ڪم نہ اچي سگهيا. ۽ انهن ٻنهي عورتن کي چيو ويو هو تہ جهنم ۾ وڃڻ وارن سان گڏ توهان بہ جهنم ۾ هليون وڃو.

وَضَرَبَ اللّٰهُ مَثَلًا لِّلَّذِيْنَ اٰمَنُوا امْرَاَتَ فِرْعَوْنَ ۘ
اِذْ قَالَتْ رَبِّ ابْنِ لِيْ عِنْدَكَ بَيْتًا فِي الْجَنَّةِ وَ

١٢. ۽ مومنن جي حالت الله فرعون جي زال جهڙي بيان ڪري ٿو جڏهين انهيءَ پنهن جي رب کي چيو، تہ اي خدا! تون پاڻ وٽ هڪ

نَجِّنِیْ مِنْ فِرْعَوْنَ وَعَمَلِهٖ وَنَجِّنِیْ مِنَ الْقَوْمِ الظّٰلِمِیْنَ ﴿١١﴾

گهر جنت ۾ منهن جي لاءِ بناءِ ۽ مونکي فرعون ۽ انهيءَ جي بد عملن کان بچاءِ ۽ اهڙي طرح (انهيءَ جي) ظالم قوم کان ڇوٽڪارو ڏي.

وَ مَرْيَمَ ابْنَتَ عِمْرٰنَ الَّتِیْٓ اَحْصَنَتْ فَرْجَهَا فَنَفَخْنَا فِیْهِ مِنْ رُّوْحِنَا وَ صَدَّقَتْ بِكَلِمٰتِ رَبِّهَا وَ كُتُبِهٖ وَ كَانَتْ مِنَ الْقٰنِتِیْنَ ﴿١٢﴾ ع

١٣- ۽ پوءِ الله مومنن جي حالت مريم وانگر بيان ڪري ٿو جيڪا عمران جي ڌيءَ هئي - جنهن پنهن جي ننگ جي حفاظت ڪئي ۽ اسان انهيءَ ۾ پنهن جو ڪلام وجهي ڇڏيو هو ۽ انهيءَ انهي ڪلام جي جيڪو انهيءَ جي رب انهيءَ تي نازل ڪيو هو تصديق ڪري ڇڏي هئي - ۽ انهيءَ (خدا) جي ڪتابن تي بہ ايمان آندو هئائين ۽ (ٿيندي ٿيندي اهڙي حالت ۾ اچي پئي هئي جو) انهيءَ فرمانبردارن جو مقام حاصل ڪري ورتو هو.

## سُوْرَةُ الْمُلْكِ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ مَعَ الْبَسْمَلَةِ اِحْدٰى وَثَلٰثُوْنَ اٰيَةً وَّرُكُوْعَانِ

سورت ملڪ - هيءَ سورت مڪي آهي ۽ بسم الله سميت هن جون ايڪٽيهه آيتون ۽ ٻه رڪوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ①

١- (مان) الله جو نالو وٺي جيڪو بيحد ڪرم ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي (پڙهانٿو)

تَبٰرَكَ الَّذِيْ بِيَدِهِ الْمُلْكُ وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرُ ②

٢- وڏي برڪت وارو آهي اهو خدا جنهن جي قبضي ۾ بادشاهت آهي ۽ اهو هر هڪ ارادي جي پوري ڪرڻ تي قادر آهي.

الَّذِيْ خَلَقَ الْمَوْتَ وَالْحَيٰوةَ لِيَبْلُوَكُمْ اَيُّكُمْ اَحْسَنُ عَمَلًا ۚ وَهُوَ الْعَزِيْزُ الْغَفُوْرُ ③

٣- انهيءَ موت ۽ زندگيءَ کي انهيءَ لاءِ پيدا ڪيو آهي ته هو توهانکي آزمائي ته توهان مان ڪير وڌيڪ سنا عمل ڪرڻ وارو آهي ۽ هو غالب (۽) گهڻو بخشڻ وارو آهي.

الَّذِيْ خَلَقَ سَبْعَ سَمٰوٰتٍ طِبَاقًا ۚ مَا تَرٰى فِيْ خَلْقِ الرَّحْمٰنِ مِنْ تَفٰوُتٍ ۚ فَارْجِعِ الْبَصَرَ ۙ هَلْ تَرٰى مِنْ فُطُوْرٍ ④

٤- اهو ئي آهي جنهن ست آسمان درجي بدرجي ٺاهيا آهن (۽) تون رحمان (خدا) جي پيدائش ۾ ڪوبه رخنو نٿو ڏسين - ۽ تون پنهن جي اک کي (هيڏانهن هوڏانهن) ڦيرائي چڱيءَ طرح سان ڏسي وٺ! ڇا توکي (خدا جي مخلوق ۾ ڪنهن جڳهه به) ڪو رخنو نظر اچي ٿو.

ثُمَّ ارْجِعِ الْبَصَرَ كَرَّتَيْنِ يَنْقَلِبْ اِلَيْكَ الْبَصَرُ خَاسِئًا وَّهُوَ حَسِيْرٌ ⑤

٥- پوءِ بار بار نظر کي ڦيراءِ. اها آخر تو ڏانهن ناڪام ٿي واپس ايندي - ۽ اها ٿڪجي پوندي (۽ ڪوبه رخنو نظر نه ايندو)

وَلَقَدْ زَيَّنَّا السَّمَآءَ الدُّنْيَا بِمَصَابِيْحَ وَجَعَلْنٰهَا رُجُوْمًا لِّلشَّيٰطِيْنِ وَاَعْتَدْنَا لَهُمْ عَذَابَ السَّعِيْرِ ⑥

٦- ۽ اسان هيٺين آسمان کي ڏيئن سان سينگاريو آهي ۽ انهن (ڏيئن) کي شيطانن جي لاءِ پٿراءَ جو سبب بنايو آهي ۽ اسان انهن (شيطانن) جي لاءِ هڪ ٻرڪڻ وارو

روڪي ٿو ـ هو هر شيءِ ڪان چڱيءَ طرح واقف آهي.

اَمَّنۡ هٰذَا الَّذِىۡ هُوَ جُنۡدٌ لَّـكُمۡ يَنۡصُرُكُمۡ مِّنۡ دُوۡنِ الرَّحۡمٰنِ‌ؕ اِنِ الۡكٰفِرُوۡنَ اِلَّا فِىۡ غُرُوۡرٍ‌ۚ ۲۰

٢١ـ ڇا اهي ماڻهون جيڪي تنهن جو لشڪر سڏائين ٿا رحمان (خدا) جي مقابلي ۾ تنهن جي مدد ڪري سگهندا؟ ڪافر تہ صرف دوکي ۾ مبتلا آهن.

اَمَّنۡ هٰذَا الَّذِىۡ يَرۡزُقُكُمۡ اِنۡ اَمۡسَكَ رِزۡقَهٗ‌ ۚ بَلْ لَّجُّوۡا فِىۡ عُتُوٍّ وَّنُفُوۡرٍ‏ ۲۱

٢٢ـ ڇا اها هستي جيڪا توهانکي رزق ڏئي ٿي جيڪڏهين پنهن جو رزق روڪي ڇڏي (تہ ڪو آهي جو توهانکي رزق ڏيئي؟) حقيقت اها آهي تہ اهي سرڪشي ۽ حق کان پري ڀڄڻ (جي عادت) ۾ وڌي ويا آهن.

اَفَمَنۡ يَّمۡشِىۡ مُكِبًّا عَلٰى وَجۡهِهٖۤ اَهۡدٰٓى اَمَّنۡ يَّمۡشِىۡ سَوِيًّا عَلٰى صِرَاطٍ مُّسۡتَقِيۡمٍ‏ ۲۲

٢٣ـ ڇا اهو شخص جيڪو پنهن جي منهن پر اونڌو هليٿو هدايت ۾ انهيءَ جي برابر ٿي سگهي ٿو جيڪو سڌو هلي ٿو؟ (۽) آهي بہ سڌي رستي تي.

قُلۡ هُوَ الَّذِىۡۤ اَنۡشَاَكُمۡ وَجَعَلَ لَـكُمُ السَّمۡعَ وَالۡاَبۡصَارَ وَالۡاَفۡـئِدَةَ‌ ؕ قَلِيۡلًا مَّا تَشۡكُرُوۡنَ‏ ۲۳

٢٤ـ تون چؤ تہ اهو خدائي آهي جنهن توهانکي پيدا ڪيو آهي ۽ توهانجي لاءِ ڪن ۽ اکيون ۽ دل ناهيا آهن ـ پر توهان بلڪل شڪر ٿا ڪيو.

قُلۡ هُوَ الَّذِىۡ ذَرَاَكُمۡ فِى الۡاَرۡضِ وَاِلَيۡهِ تُحۡشَرُوۡنَ‏ ۲۴

٢٥ـ تون چؤ تہ اهو ئي آهي جنهن توهانکي زمين ۾ پيدا ڪيو آهي ۽ انهيءَ ڏانهن توهان جيئرا ڪري وري نيا ويندا.

وَيَقُوۡلُوۡنَ مَتٰى هٰذَا الۡوَعۡدُ اِنۡ كُنۡتُمۡ صٰدِقِيۡنَ‏ ۲۵

٢٦ـ ۽ اهي چون ٿا تہ جيڪڏهين توهان سچا آهيو تہ اهو واعدو ڪڏهين پورو ٿيندو.

قُلۡ اِنَّمَا الۡعِلۡمُ عِنۡدَ اللّٰهِ ۖ وَاِنَّمَاۤ اَنَا نَذِيۡرٌ مُّبِيۡنٌ‏ ۲۶

٢٧ـ تون چؤ تہ انهيءَ جو علم صرف الله کي آهي ۽ مان تہ صرف هڪ کولي کولي هوشيار ڪرڻ وارو (شخص) آهيان.

فَلَمَّا رَاَوۡهُ زُلۡفَةً سِيۡٓـئَتۡ وُجُوۡهُ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا

٢٨ـ ۽ جڏهين اهي انهيءَ (واعدي ڪيل عذاب) کي ويجهو ايندي ڏسندا تہ ڪافرن

وَقِيْلَ هٰذَا الَّذِيْ كُنْتُمْ بِهٖ تَدَّعُوْنَ ﴿۲۷﴾

جا منهن ڦري ويندا ۽ انهن کي چيو ويندو ـ اهائي اها شيء آهي جنهن کي توهان بار بار سڏي رهيا هئا.

قُلْ اَرَءَيْتُمْ اِنْ اَهْلَكَنِيَ اللّٰهُ وَمَنْ مَّعِيَ اَوْ رَحِمَنَا ۙ فَمَنْ يُّجِيْرُ الْكٰفِرِيْنَ مِنْ عَذَابٍ اَلِيْمٍ ﴿۲۸﴾

۲۹. تون چو ـ مونکي ٻڌايو تہ سهي تہ جيڪڏهين الله مونکي ۽ منهن جن ساٿين کي تباهہ ڪري ڇڏي يا اسانتي رحم ڪري ڇڏي تہ بہ ڪافرن کي دردناڪ عذاب کان ڪير پناهہ ڏيندو.

قُلْ هُوَ الرَّحْمٰنُ اٰمَنَّا بِهٖ وَعَلَيْهِ تَوَكَّلْنَا ۚ فَسَتَعْلَمُوْنَ مَنْ هُوَ فِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ ﴿۲۹﴾

۳۰. تون چؤ تہ (رحمان خدا) ڪانسواء ڪوبہ نہ ـ اسان انهيء تي ايمان آندو آهي ۽ اسان انهيء تي توڪل ڪئي آهي پوء توهانکي جلدي خبر پوندي تہ ڪير ظاهر ظهور گمراهيء ۾ مبتلا آهي.

قُلْ اَرَءَيْتُمْ اِنْ اَصْبَحَ مَآؤُكُمْ غَوْرًا فَمَنْ يَّأْتِيْكُمْ بِمَآءٍ مَّعِيْنٍ ﴿۳۰﴾ ع ۲

۳۱. تون اهو بہ چؤ تہ مونکي ٻڌايو تہ سهي تہ جيڪڏهين توهانجو پاڻي زمين جي گهرائيء ۾ غائب ٿي وڃي تہ وهڻ وارو پاڻي توهان جي لاء خدا ڪانسواء ڪير آڻيندو.

سُوْرَةُ الْقَلَمِ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ مَعَ الْبَسْمَلَةِ ثَلٰثٌ وَّخَمْسُوْنَ اٰيَةً وَّرُكُوْعَانِ

سورت قلم - هيءَ سورت مڪي آهي ۽ بسم الله سميت هن جون ٽيونجاهه آيتون ۽ ٻه رڪوع آهن.

| | |
|---|---|
| بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ① | ١- (مان) الله جو نالو وٺي جيڪو بيحد ڪرم ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي (پڙهانٿو) |
| نٓ وَالْقَلَمِ وَمَا يَسْطُرُوْنَ ② | ٢- (اسان) قلم - ۽ مس کي ۽ انهيءَ کي جيڪو انهن (جي ذريعي) لکيو وڃي ٿو شاهديءَ طور پيش ڪندي چئون ٿا. |
| مَآ اَنْتَ بِنِعْمَةِ رَبِّكَ بِمَجْنُوْنٍ ③ | ٣- تون پنهنجي رب جي فضل سان چريو نه آهين. |
| وَاِنَّ لَكَ لَاَجْرًا غَيْرَ مَمْنُوْنٍ ④ | ٤- توکي خدا جي طرفان هڪ اهڙو بدلو ملندو جيڪو ڪڏهين ختم نه ٿيندو. |
| وَاِنَّكَ لَعَلٰى خُلُقٍ عَظِيْمٍ ⑤ | ٥- انهيءَ ڪانسواءِ اسان اهو به قسم کڻون ٿا تہ) تون (پنهنجي تعليم ۽ عمل ۾) نهايت اعليٰ درجي جي اخلاق تي قائم آهين. |
| فَسَتُبْصِرُ وَيُبْصِرُوْنَ ⑥ | ٦- پوءِ جلدي تون به ڏسندين ۽ اهي به ڏسندا تہ (الاهي مدد ڪان تون محروم رهين ٿو يا اهي) |
| بِاَيِّكُمُ الْمَفْتُوْنُ ⑦ | ٧- ۽ (انهن کي خبر پوندي ته) توهان ۾نهي مان ڪير گمراهه آهي. |
| اِنَّ رَبَّكَ هُوَ اَعْلَمُ بِمَنْ ضَلَّ عَنْ سَبِيْلِهٖ ۖ وَهُوَ اَعْلَمُ بِالْمُهْتَدِيْنَ ⑧ | ٨- تنهنجو رب انهيءَ کي به چڱيءَ طرح ڄاڻي ٿو، جيڪو انهيءَ جي رستي کان ڀٽڪي ويو آهي ۽ انهيءَ کي به چڱيءَ طرح ڄاڻي ٿو جيڪو هدايت وارن مانئهن ۾ شامل آهي. |
| فَلَا تُطِعِ الْمُكَذِّبِيْنَ ⑨ | ٩- (۽ جڏهين تون خدا جي هدايت تي قائم آهين ۽ تنهنجا منڪر تباهه ٿيڻ وارا آهن تہ) تون انهن منڪرن جي ڳالهه نه مڃ |

وَدُّوْا لَوْ تُدْهِنُ فَيُدْهِنُوْنَ ⑩

١٠. اهي (ڪافر) خواهش رکن ٿا تہ تون پنهن جي دين ۾ ڪجهہ نرمي ڪرين تہ اهي بہ (پنهن جي طريقي ۾ ڪجهہ) نرمي ڪن.

وَلَا تُطِعْ كُلَّ حَلَّافٍ مَّهِيْنٍ ⑪

١١. ۽ تون انهيءَ جي ڳالهہ ڪڏهين نہ مڃ جيڪو قسم کڻي ٿو (پر خدا جي طرفان مدد نہ ملڻ جي سبب (اهو ذليل ٿي ذليل) رهي ٿو.

هَمَّازٍ مَّشَّآءٍۢ بِنَمِيْمٍ ⑫

١٢. جنهن کي (نيڪن تي) طعنا هڻڻ ۽ (انهن تي) چغليون هڻڻ جي عادت آهي.

مَّنَّاعٍ لِّلْخَيْرِ مُعْتَدٍ اَثِيْمٍ ⑬

١٣. جيڪو ماڻهن کي نيڪين کان روڪڻ وارو, حد کان ٽپندڙ ۽ گنهہ گار آهي.

عُتُلٍّۢ بَعْدَ ذٰلِكَ زَنِيْمٍ ⑭

١٤. اهو گستاخ بہ آهي ۽ خدا جو بندو ٿي ڪري شيطان سان تعلق رکڻ وارو بہ

اَنْ كَانَ ذَا مَالٍ وَّبَنِيْنَ ⑮

١٥. صرف انهيءَ ڪري جو هو گهڻو مالدار آهي ۽ انهيءَ جو اولاد ۽ ساٿي گهڻا آهن.

اِذَا تُتْلٰى عَلَيْهِ اٰيٰتُنَا قَالَ اَسَاطِيْرُ الْاَوَّلِيْنَ ⑯

١٦. جڏهين انهيءَ جي اڳيان اسانجون آيتون پڙهي ٻڌايون ٿيون وڃن تہ چئي ٿو تہ هي تہ پهرين جون آکاڻيون آهن.

سَنَسِمُهٗ عَلَى الْخُرْطُوْمِ ⑰

١٧. اسان جلد ٿي انهيءَ جي نڪ تي داغ لڳائينداسين (۽ انهيءَ کي پنهن جي مدد کان محروم ڪري ڇڏينداسين)

اِنَّا بَلَوْنٰهُمْ كَمَا بَلَوْنَآ اَصْحٰبَ الْجَنَّةِ ۚ اِذْ اَقْسَمُوْا لَيَصْرِمُنَّهَا مُصْبِحِيْنَ ⑱

١٨. اسان انهن دشمنن کي اهڙي ئي مصيبت ۾ وڌو آهي, جنهن مصيبت ۾ انهن باغن وارن ماڻهن کي وڌو هو, جن پاڻ ۾ هڪ ٻئي کي قسم کڻي چيو هو تہ اسان صبح وڃي پنهن جي باغ جو ڦر چنينداسين.

وَلَا يَسْتَثْنُوْنَ ⑲

١٩. ۽ خدا جو نالو نہ ورتو هئائون.

فَطَافَ عَلَيْهَا طَآئِفٌ مِّنْ رَّبِّكَ وَهُمْ نَآئِمُوْنَ ⑳

٢٠. نتيجو اهو ٿيو جو رات جو انهن جي باغ تي هڪ عذاب نازل ٿي ويو جنهن وقت اهي ستا پيا هئا.

فَأَصْبَحَتْ كَالصَّرِيمِ ﴿٢١﴾

٢١. جڏهين صبح جي وقت ڏٺو ويو تہ اهو باغ اهڙو ٿي ويو جڻ تہ ڪپيل هو.

فَتَنَادَوْا مُصْبِحِينَ ﴿٢٢﴾

٢٢. سو صبح سوير انهن پاڻ ۾ هڪ ٻئي کي سڏيو.

أَنِ اغْدُوا عَلَىٰ حَرْثِكُمْ إِن كُنتُمْ صَارِمِينَ ﴿٢٣﴾

٢٣. ۽ چيو تہ جيڪڏهين توهانجي نيت باغ جو ڦر ڪپڻ ٿي آهي تہ هن ئي وقت پنهن جي باغ ڏانهن هلو.

فَانطَلَقُوا وَهُمْ يَتَخَافَتُونَ ﴿٢٤﴾

٢٤. سو اهي هليا ويا ۽ اهي آهستي آهستي هينئن چوندا ٿي ويا.

أَن لَّا يَدْخُلَنَّهَا الْيَوْمَ عَلَيْكُم مِّسْكِينٌ ﴿٢٥﴾

٢٥. تہ اڄ توهانجي موجودگيءَ ۾ ڪوبہ مسڪين باغ ۾ داخل نہ ٿئي.

وَغَدَوْا عَلَىٰ حَرْدٍ قَادِرِينَ ﴿٢٦﴾

٢٦. ۽ صبح ٿيڻ کان پهرين اهي بخل جو فيصلو ڪري چڪا هئا.

فَلَمَّا رَأَوْهَا قَالُوا إِنَّا لَضَالُّونَ ﴿٢٧﴾

٢٧. پوءِ جڏهين انهن انهيءَ باغ کي ڏٺو تہ چيو، اسان تہ رستو ڀلجي آيا آهيون.

بَلْ نَحْنُ مَحْرُومُونَ ﴿٢٨﴾

٢٨. بلڪ حقيقت هيءَ آهي تہ اسان (پنهن جي ڦر کان) بلڪل محروم ٿي چڪا آهيون.

قَالَ أَوْسَطُهُمْ أَلَمْ أَقُل لَّكُمْ لَوْلَا تُسَبِّحُونَ ﴿٢٩﴾

٢٩. جيڪو انهن مان سٺو ماڻهو هو، انهيءَ چيو ڇا مون توهانکي نہ چيو هو تہ توهان خدا جي تسبيح ڇونہ ٿا ڪيو؟

قَالُوا سُبْحَانَ رَبِّنَا إِنَّا كُنَّا ظَالِمِينَ ﴿٣٠﴾

٣٠. انهن چيو اسانجو رب هر عيب کان پاڪ آهي اسان ئي ظلم ڪرڻ وارا هئاسون.

فَأَقْبَلَ بَعْضُهُمْ عَلَىٰ بَعْضٍ يَتَلَاوَمُونَ ﴿٣١﴾

٣١. پوءِ اهي هڪ ٻئي ڏانهن ملامت ڪندي، توجهہ ڏنائون.

قَالُوا يَا وَيْلَنَا إِنَّا كُنَّا طَاغِينَ ﴿٣٢﴾

٣٢. ۽ چوڻ لڳا اسانتي ويل! اسان سرڪش بنجي وياسين.

عَسَىٰ رَبُّنَا أَن يُبْدِلَنَا خَيْرًا مِّنْهَا إِنَّا إِلَىٰ رَبِّنَا رَاغِبُونَ ﴿٣٣﴾

٣٣. ويجهو آهي تہ (جيڪڏهين اسان توبهہ ڪيون تہ) اسانجو رب انهيءَ کان بهتر (باغ) اسانکي ڏئي اسان ضرور پنهنجي رب ڏانهن جهڪنداسين.

كَذَٰلِكَ الْعَذَابُ وَلَعَذَابُ الْآخِرَةِ أَكْبَرُ

٣٤. اهڙيءَ طرح عذاب لهندو آهي ۽

لَوْ كَانُوْا يَعْلَمُوْنَ ﴿٣٣﴾ ع ٣

جيڪڏهين اهي سمجهن تہ آخرت جو عذاب دنيا جي عذاب کان تمام وڏو آهي.

إِنَّ لِلْمُتَّقِيْنَ عِنْدَ رَبِّهِمْ جَنّٰتِ النَّعِيْمِ ﴿٣٤﴾

٣٥. متقين جيلاءِ پنهن جي رب وٽ نعمت سان ڀريل باغ هوندا.

أَفَنَجْعَلُ الْمُسْلِمِيْنَ كَالْمُجْرِمِيْنَ ﴿٣٥﴾

٣٦. ڇا اسان مسلمانن کي ڏوهارين جي برابر سمجهنداسين؟

مَا لَكُمْ كَيْفَ تَحْكُمُوْنَ ﴿٣٦﴾

٣٧. توهانکي ڇا ٿي ويو آهي، توهان ڪهڙو فيصلو ٿا ڪيو.

أَمْ لَكُمْ كِتٰبٌ فِيْهِ تَدْرُسُوْنَ ﴿٣٧﴾

٣٨. ڇا توهان وٽ ڪو (اهڙو الاهي) ڪتاب آهي جنهن ۾ اها ڳالهہ پڙهو ٿا

إِنَّ لَكُمْ فِيْهِ لَمَا تَخَيَّرُوْنَ ﴿٣٨﴾

٣٩. تہ توهان جيڪي پسند ڪندؤ توهانکي ملندو.

أَمْ لَكُمْ أَيْمَانٌ عَلَيْنَا بَالِغَةٌ إِلٰى يَوْمِ الْقِيٰمَةِ ۙ إِنَّ لَكُمْ لَمَا تَحْكُمُوْنَ ﴿٣٩﴾

٤٠. يا ڇا توهان اسان کان   ڪي قسم ٿي واعدا ورتا آهن جيڪي قيامت تائين جاري رهندا ۽ اهو تہ جيڪي توهان چوندو اهوئي توهانکي ملي ويندو.

معانقة ١٠ عند المتقدمين

سَلْهُمْ أَيُّهُمْ بِذٰلِكَ زَعِيْمٌ ﴿٤٠﴾

٤١. انهن کان ذرا پڇو تہ انهيءَ ڳالهہ جو انهن مان ڪير ذمي وار آهي.

أَمْ لَهُمْ شُرَكَآءُ ۚ فَلْيَأْتُوْا بِشُرَكَآئِهِمْ إِنْ كَانُوْا صٰدِقِيْنَ ﴿٤١﴾

٤٢. ڇا انهن ماڻهن جي حق ۾ خدا جا ڪي گمان ڪيل شريڪ آهن؟ سو جيڪڏهين اهي سچا آهن تہ شريڪن کي پيش ڪن.

يَوْمَ يُكْشَفُ عَنْ سَاقٍ وَّيُدْعَوْنَ إِلَى السُّجُوْدِ فَلَا يَسْتَطِيْعُوْنَ ﴿٤٢﴾

٤٣. جنهن ڏينهن مصيبت جو وقت اچي ويندو ۽ انهن کي سجدي ڪرڻ جي لاءِ سڏيو ويندو تہ اهي سجدي جي طاقت نہ رکندا.

خَاشِعَةً أَبْصَارُهُمْ تَرْهَقُهُمْ ذِلَّةٌ ۖ وَقَدْ كَانُوْا يُدْعَوْنَ إِلَى السُّجُوْدِ وَهُمْ سٰلِمُوْنَ ﴿٤٣﴾

٤٤. انهن جون نظرون شرم کان جهڪيل هونديون ۽ خواري انهن جي منهن تي وسي رهي هوندي ۽ هڪ اهو وقت هو جو انهن کي سجدي لاءِ سڏايو ويندو هو ۽ انهن کي ڪابہ بيماري نہ هئي (پر انهن سجدي کان انڪار ڪيو. پر هاڻي جڏهين شرڪ جي ڪس دير تائين انهن جي دل تي لڳي رهي آهي اهي سجدو ڪيئن ڪري سگهن ٿا)

فَذَرْنِيْ وَمَنْ يُّكَذِّبُ بِهٰذَا الْحَدِيْثِ ۭ سَنَسْتَدْرِجُهُمْ مِّنْ حَيْثُ لَا يَعْلَمُوْنَ ۝٤٥

٤٥. پوءِ تون مونکي ۽ انهن کي جيکي انهيءَ ڪتاب کي ڪوڙو ڪن ٿا ڇڏي ڏي (پاڻ سزا ڏيڻ جو فڪر نہ ڪر) اسان انهن کي درجي بدرجي تباهيءَ ڏانهن اهڙن طرفن کان ڇڪي آڻينداسين. جن کي اهي ڄاڻن بہ نہ ٿا.

وَاُمْلِيْ لَهُمْ ۭ اِنَّ كَيْدِيْ مَتِيْنٌ ۝٤٦

٤٦. ۽ مان انهن کي ڍر ڏيندس (يعني تون انهن جي تباهيءَ جي دعا نہ ڪر) منهن جي تدبير ڏاڍي مضبوط آهي (اها آخر انهن کي تباهہ ڪري ڇڏيندي).

اَمْ تَسْـَٔــلُهُمْ اَجْرًا فَهُمْ مِّنْ مَّغْرَمٍ مُّثْقَلُوْنَ ۝٤٧ۚ

٤٧. ڇا تون انهن کان ڪو اجر گھرين ٿو ۽ اهي هن چٽيءَ جيڪري بوجھي ۾ دٻيا پيا آهن.

اَمْ عِنْدَهُمُ الْغَيْبُ فَهُمْ يَكْتُبُوْنَ ۝٤٨

٤٨. ڇا انهن وٽ غيب جو علم آهي ۽ اهي انهيءَ کي لکندا وڃن ٿا.

فَاصْبِرْ لِحُكْمِ رَبِّكَ وَلَا تَكُنْ كَصَاحِبِ الْحُوْتِ ۘ اِذْ نَادٰى وَهُوَ مَكْظُوْمٌ ۝٤٩ۭ

٤٩. پوءِ تون پنهن جي رب جي حڪم تي قائم رهہ ۽ مڇيءَ واري وانگر نہ بڻج. جڏهين انهيءَ پنهن جي رب کي پڪاريو ۽ اهو غم سان ڀريو پيو هو.

لَوْلَآ اَنْ تَدٰرَكَهٗ نِعْمَةٌ مِّنْ رَّبِّهٖ لَنُبِذَ بِالْعَرَاۗءِ وَهُوَ مَذْمُوْمٌ ۝٥٠

٥٠. جيڪڏهين انهيءَ جي رب جي نعمت هن جي تڪليف جو تدارڪ نہ ڪري ها تہ هن کي هڪ غير آباد جھنگ ۾ اڇليو وڃي ها ۽ سندس دنيا ۾ ننڌا ڪئي وڃي ها.

فَاجْتَبٰهُ رَبُّهٗ فَجَعَلَهٗ مِنَ الصّٰلِحِيْنَ ۝٥١

٥١. پر سندس رب کيس چونڊيو ۽ انهيءَ کي نيڪو ڪارن ۾ شامل ڪري ڇڏيو.

وَاِنْ يَّكَادُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَيُزْلِقُوْنَكَ بِاَبْصَارِهِمْ لَمَّا سَمِعُوا الذِّكْرَ وَيَقُوْلُوْنَ اِنَّهٗ لَمَجْنُوْنٌ ۝٥٢

٥٢. ڪافر ماڻهن ويجهو هو تہ جڏهين قرآن ٻڌو هو تہ پنهن جي غصي سان ڀريل اکين سان ڏسي توکي پنهن جي مقام تان ٿيڙي ڇڏين ها. ۽ اهي چوندا وڃن ها تہ هي شخص چريو آهي.

وَمَا هُوَ اِلَّا ذِكْرٌ لِّلْعٰلَمِيْنَ ۝٥٣ۧ

٥٣. حالانڪ هي (قرآن) تہ سڄي دنيا جي لاءِ شرف ڪئي آيو آهي.

# سُوْرَةُ الْحَاقَّةِ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ مَعَ الْبَسْمَلَةِ ثَلٰثٌ وَّخَمْسُوْنَ اٰيَةً وَّرُكُوْعَانِ

سورت حاقہ - هي سورت مڪي آهي ۽ بسم الله سميت هن جون ٽيونجاهہ آيتون ۽ ٻہ رڪوع آهن.

---

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ①

١- (مان) الله جو نالو وٺي جيڪو بيحد ڪرم ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي (پڙهانٿو)

اَلْحَاۗقَّةُ ②

٢- اها پوري ٿي رهڻ واري خبر (جيڪا قرآن بڌائي آهي)

مَا الْحَاۗقَّةُ ③

٣- ڇا توهانکي معلوم آهي تہ اها ڇا آهي؟

وَمَآ اَدْرٰىكَ مَا الْحَاۗقَّةُ ④

٤- ۽ توکي ڪهڙيءَ شيءِ ٻڌايو آهي تہ اها پوري ٿي رهڻ واري خبر ڪهڙي آهي؟

كَذَّبَتْ ثَمُوْدُ وَعَادٌۢ بِالْقَارِعَةِ ⑤

٥- ثمود ۽ عاد ٻہ قارعہ کي ڪوڙو ڪيو هو (جيڪا انهيءَ زماني جي عذاب جي خبر هئي)

فَاَمَّا ثَمُوْدُ فَاُهْلِكُوْا بِالطَّاغِيَةِ ⑥

٦- (سو انهيءَ خبر جي مطابق) ثمود هڪ اهڙي عذاب سان تباهہ ڪيا ويا جيڪو سختيءَ ۾ انتها کي پهچي ويو هو.

وَاَمَّا عَادٌ فَاُهْلِكُوْا بِرِيْحٍ صَرْصَرٍ عَاتِيَةٍ ⑦

٧- ۽ عاد هڪ اهڙي عذاب سان تباهہ ڪيا ويا جيڪو هوا جي صورت ۾ آيو هو. جيڪا هڪجهڙي هلندي ٿي ويئي ۽ سخت تيز هئي.

سَخَّرَهَا عَلَيْهِمْ سَبْعَ لَيَالٍ وَّثَمٰنِيَةَ اَيَّامٍ ۙ حُسُوْمًا ۙ فَتَرَى الْقَوْمَ فِيْهَا صَرْعٰى ۙ كَاَنَّهُمْ اَعْجَازُ نَخْلٍ خَاوِيَةٍ ⑧

٨- انهيءَ (الله) هوا کي لاڳيتو ست راتيون ۽ اٺ ڏينهن انهن جي تباهيءَ جي لاءِ مقرر ڪري ڇڏيو هو، سو انهيءَ جو نتيجو اوهانکي معلوم آهي تہ اها قوم بلڪل ڪري پئي جڻ تہ اهي کجي جي هڪ پٽي وڻ جون پاڙون آهن جن کي تڪيءَ جهڪ ڪيرائي ڇڏيو.

فَهَلْ تَرٰى لَهُمْ مِّنْۢ بَاقِيَةٍ ﴿٩﴾

٩. (اي مخاطب!) هاڻي ڀلاءِ تہ ڇا انهن جو ڪو نشان توکي نظر اچي ٿو.

وَجَآءَ فِرْعَوْنُ وَمَنْ قَبْلَهٗ وَالْمُؤْتَفِكٰتُ بِالْخَاطِئَةِ ﴿١٠﴾

١٠. ۽ فرعون ۽ جيڪي ماڻهو انهيءَ کان پهرين هئا (هن دنيا ۾) خطا ڪار ٿي آيا ۽ (لوط جي قوم جا) اهي ڳوٺ ۽ جيڪي گناهہ جي سببان اونڌا ڪيا ويا هئا.

فَعَصَوْا رَسُوْلَ رَبِّهِمْ فَاَخَذَهُمْ اَخْذَةً رَّابِيَةً ﴿١١﴾

١١. (۽) انهن (ٻہ ڏوهہ ڪيا هئا ۽) پنهن جي رب جي رسول جي نافرماني ڪئي هئي - پوءِ انهن کي ٻہ الله هڪ اهڙي عذاب سان پڪڙيو جيڪو وڌندو ٿي ويو (۽ ڏاڍو سخت هو).

اِنَّا لَمَّا طَغَا الْمَآءُ حَمَلْنٰكُمْ فِى الْجَارِيَةِ ﴿١٢﴾

١٢. اسان (نوح جي وقت ۾) جڏهين پاڻي بلند ٿيڻ شروع ٿيو تہ توهان ماڻهن کي هڪ ٻيڙيءَ ۾ سوار ڪري ڇڏيو هو.

لِنَجْعَلَهَا لَكُمْ تَذْكِرَةً وَّتَعِيَهَآ اُذُنٌ وَّاعِيَةٌ ﴿١٣﴾

١٣. انهيءَ لاءِ تہ انهيءَ (واقعي) کي توهانجي لاءِ هڪ نشان ٺهرايون ۽ ٻڌڻ وارا ڪن ٻڌن (۽ دليون انهيءَ کي ياد رکن)

فَاِذَا نُفِخَ فِى الصُّوْرِ نَفْخَةٌ وَّاحِدَةٌ ﴿١٤﴾

١٤. پوءِ جڏهين صور ۾ زور سان هڪ ٿي دفعو هوا ڦوڪي ويندي.

وَّحُمِلَتِ الْاَرْضُ وَالْجِبَالُ فَدُكَّتَا دَكَّةً وَّاحِدَةً ﴿١٥﴾

١٥. ۽ زمين جبلن کي انهن جي جاءِ تان کنيو ويندي ۽ اهي ذرا ذرا ٿي ويندا.

فَيَوْمَئِذٍ وَّقَعَتِ الْوَاقِعَةُ ﴿١٦﴾

١٦. انهيءَ ڏينهن مقرر ٿيل واقعو ظاهر ٿي ويندو.

وَانْشَقَّتِ السَّمَآءُ فَهِىَ يَوْمَئِذٍ وَّاهِيَةٌ ﴿١٧﴾

١٧. ۽ آسمان ڦاٽي پوندو ۽ اهو انهيءَ ڏينهن بلڪل ڍلو نظر ايندو.

وَّالْمَلَكُ عَلٰٓى اَرْجَآئِهَا ۚ وَيَحْمِلُ عَرْشَ رَبِّكَ فَوْقَهُمْ يَوْمَئِذٍ ثَمٰنِيَةٌ ﴿١٨﴾

١٨. ۽ فرشتا انهيءَ جي ڪنارن تي هوندا ۽ انهيءَ ڏينهن تنهن جي رب جي عرش کي اٺ فرشتا کڻي رهيا هوندا.

يَوْمَئِذٍ تُعْرَضُوْنَ لَا تَخْفٰى مِنْكُمْ

١٩. انهيءَ ڏينهن توهان خدا جي سامهون

خَافِيَةٌ ﴿١٩﴾

پيش ڪيا ويندا ۽ ڪابہ ڳالهہ توهان کان ڳجهي نہ رهندي (يعني توهانجو سڄو حساب توهانجي سامهون پيش ڪيو ويندو)

فَأَمَّا مَنْ أُوتِيَ كِتَٰبَهُۥ بِيَمِينِهِۦ فَيَقُولُ هَآؤُمُ ٱقْرَءُوا۟ كِتَٰبِيَهْ ﴿٢٠﴾

٢٠. پوءِ جنهن جي ساڄي هٿ ۾ انهيءَ جو عمل نامون ڏنو ويندو اهو باقي سائين کي چوندو اچو! منهن جو عمل نامون ڏسو.

إِنِّى ظَنَنتُ أَنِّى مُلَٰقٍ حِسَابِيَهْ ﴿٢١﴾

٢١. مونکي يقين هو تہ مان هڪ ڏينهن پنهن جو حساب ڏهندس.

فَهُوَ فِى عِيشَةٍ رَّاضِيَةٍ ﴿٢٢﴾

٢٢. پوءِ اهڙو شخص ڏاڍي پسنديدگيءَ جا ڏينهن ڏسندو.

فِى جَنَّةٍ عَالِيَةٍ ﴿٢٣﴾

٢٣. ۽ بلند باغن ۾ رهندو.

قُطُوفُهَا دَانِيَةٌ ﴿٢٤﴾

٢٤. انهن جا ڦر نميل هوندا.

كُلُوا۟ وَٱشْرَبُوا۟ هَنِيٓـًٔۢا بِمَآ أَسْلَفْتُمْ فِى ٱلْأَيَّامِ ٱلْخَالِيَةِ ﴿٢٥﴾

٢٥. (۽ انهن کي چيو ويندو تہ) گذريل زماني ۾ جيڪي عمل توهان ڪيا هئا انهن جي نتيجي ۾ چڱيءَ طرح (ميوا) کائو ۽ (چشمن جو) پاڻي پيئو جو انهن مان هر هڪ شيءِ توهانکي چڱيءَ طرح هضم ٿيندي.

وَأَمَّا مَنْ أُوتِيَ كِتَٰبَهُۥ بِشِمَالِهِۦ فَيَقُولُ يَٰلَيْتَنِى لَمْ أُوتَ كِتَٰبِيَهْ ﴿٢٦﴾

٢٦. ۽ جنهن شخص جي کابي هٿ ۾ انهيءَ جو عمل نامون ڏنو ويندو ـ اهو چوندو ڪاش! مونکي منهن جو عمل نامون نہ ڏنو وڃي ها!

وَلَمْ أَدْرِ مَا حِسَابِيَهْ ﴿٢٧﴾

٢٧. ۽ مونکي پتو نہ پوي ها تہ منهنجو حساب ڇا آهي.

يَٰلَيْتَهَا كَانَتِ ٱلْقَاضِيَةَ ﴿٢٨﴾

٢٨. ڪاش! منهن جو موت مونکي بلڪل ختم ڪري ڇڏي ها.

مَآ أَغْنَىٰ عَنِّى مَالِيَهْ ﴿٢٩﴾

٢٩. منهن جي مال اڄ مونکي ڪوبہ فائدو نہ ڏنو.

هَلَكَ عَنِّى سُلْطَٰنِيَهْ ﴿٣٠﴾

٣٠. ۽ منهن جو غلبو ويندو رهيو.

خُذُوهُ فَغُلُّوهُ ﴿٣١﴾

٣١. (انهيءَ وقت خدا فرشتن کي چوندو)

انهيءَ کي پڪڙيو ۽ انهيءَ جي ڳلي ۾ ڳٽ وجهو.

ثُمَّ الْجَحِيمَ صَلُّوهُ ﴿٣١﴾
٣٢. ۽ جهنم ۾ انهيءَ کي اچلي ڇڏيو.

ثُمَّ فِي سِلْسِلَةٍ ذَرْعُهَا سَبْعُونَ ذِرَاعًا فَاسْلُكُوهُ ﴿٣٢﴾
٣٣. پوءِ هڪ زنجير ۾ جيڪا ڊيگهه ۾ ستر ٻي انتها آهي انهيءَ کي جڪڙي ڇڏيو.

إِنَّهُ كَانَ لَا يُؤْمِنُ بِاللَّهِ الْعَظِيمِ ﴿٣٣﴾
٣٤. هي ڪشادي حڪومت واري الله تي ايمان نه آڻيندو هو.

وَلَا يَحُضُّ عَلَىٰ طَعَامِ الْمِسْكِينِ ﴿٣٤﴾
٣٥. ۽ مسڪينن کي کاڌي کارائڻ جو لاڙو (ماڻهن کي) نه ڏياريندو هو.

فَلَيْسَ لَهُ الْيَوْمَ هَاهُنَا حَمِيمٌ ﴿٣٥﴾
٣٦. سو انهيءَ ڏينهن انهيءَ جو ڪوبه دوست نه هوندو (ڇو جو پنهن جن ظلمن جي ڪري هو ماڻهن جي همدردي وڃائي ويٺو آهي)

وَلَا طَعَامٌ إِلَّا مِنْ غِسْلِينٍ ﴿٣٦﴾
٣٧. ۽ انهيءَ کي ڪوبه کاڌو نه ملندو. سواءِ زخمن جي پوڻ جي (يعني جيڪو ظلم هي ماڻهن تي ڪري چڪو آهي انهيءَ جي يادگيري ستائيندي رهندي)

لَا يَأْكُلُهُ إِلَّا الْخَاطِئُونَ ﴿٣٧﴾ ع ٥
٣٨. اهو کاڌو صرف خطاڪار ماڻهو کائين ٿا.

فَلَا أُقْسِمُ بِمَا تُبْصِرُونَ ﴿٣٨﴾
٣٩. (پوءِ ڪنهن دوکي ۾ نه پئو) اسان شاهديءَ جي طور پيش ڪيون ٿا انهيءَ کي به جنهن کي توهين ڏسو ٿا.

وَمَا لَا تُبْصِرُونَ ﴿٣٩﴾
٤٠. ۽ جنهن کي توهين نٿا ڏسو (يعني ظاهري حالتون ۽ ڳجها جذبا انهيءَ ڳالهه تي شاهد آهن ته)

إِنَّهُ لَقَوْلُ رَسُولٍ كَرِيمٍ ﴿٤٠﴾
٤١. هيءَ (قرآن) هڪ عزت واري رسول جو ڪلام آهي.

وَمَا هُوَ بِقَوْلِ شَاعِرٍ قَلِيلًا مَا تُؤْمِنُونَ ﴿٤١﴾
٤٢. ۽ ڪنهن شاعر جو ڪلام نه آهي - پر افسوس آهي جو توهان ايمان نٿا آڻيو.

سُوْرَةُ الْمَعَارِجِ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ مَعَ الْبَسْمَلَةِ خَمْسٌ وَّ اَرْبَعُوْنَ اٰيَةً وَّرُكُوْعَانِ

سورت معارج - هيءَ سورت مڪي آهي ۽ بسم الله سميت هن جون پنجيتاليهہ آيتون ۽ بہ رڪوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ①

١- (مان) الله جو نالو وٺي جيڪو بيحد ڪرم ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي (پڙهانٿو)

سَاَلَ سَآئِلٌۢ بِعَذَابٍ وَّاقِعٍ ②

٢- پڇڻ وارو پڇي ٿو (منڪرن تي) انهن عذاب ڪڏهين ايندو؟

لِّلْكٰفِرِيْنَ لَيْسَ لَهٗ دَافِعٌ ③

٣- (ياد رکو تہ) ڪافرن کي انهيءَ کان بچائڻ وارو ڪوبہ ڪونهي (پوءِ وقت جي متعلق سوال غير متعلق ۽ بي فائدو آهي)

مِّنَ اللّٰهِ ذِى الْمَعَارِجِ ④

٤- اهو (عذاب) ذوالمعارج خدا جي طرفان ايندو.

تَعْرُجُ الْمَلٰٓئِكَةُ وَالرُّوْحُ اِلَيْهِ فِىْ يَوْمٍ كَانَ مِقْدَارُهٗ خَمْسِيْنَ اَلْفَ سَنَةٍ ⑤

٥- عام فرشتا ۽ ڪلام الاهي آڻڻ وارا فرشتا انهيءَ (خدا) جي طرف اهڙي وقت ۾ چڙهن ٿا جنهن جو مقدار پنجاهہ هزار سالن جي برابر هوندو آهي.

فَاصْبِرْ صَبْرًا جَمِيْلًا ⑥

٦- پوءِ تون چڱيءَ طرح صبر ڪر.

اِنَّهُمْ يَرَوْنَهٗ بَعِيْدًا ⑦

٧- اهي ماڻهو انهيءَ (ڏينهن) کي ڏاڍو پري سمجهن ٿا.

وَّنَرٰىهُ قَرِيْبًا ⑧

٨- پر اسان انهيءَ کي ڏاڍو ويجهو سمجهون ٿا.

يَوْمَ تَكُوْنُ السَّمَآءُ كَالْمُهْلِ ⑨

٩- انهيءَ ڏينهن (حرارت جي شدت جي سببان) آسمان پگهاريل ٽامي وانگر ٿي پوندو.

وَتَكُوْنُ الْجِبَالُ كَالْعِهْنِ ⑩

١٠- ۽ جبل پڃيل ان وانگر ٿي پوندا.

وَلَا يَسْـَٔلُ حَمِيْمٌ حَمِيْمًا ⑪

١١- ۽ انهيءَ ڏينهن ڪوبہ دوست ڪنهن دوست جي متعلق ڪوبہ سوال نہ ڪندو.

يُبَصَّرُوْنَهُمْ ۭ يَوَدُّ الْمُجْرِمُ لَوْ يَفْتَدِيْ مِنْ عَذَابِ يَوْمِىِٕذٍۭ بِبَنِيْهِ ﴿١٢﴾

١٢۔ جو جو انهيءَ ڏينهن هر شخص جي حالت انهيءَ جي دوست کي ڏيکاري ويندي انهيءَ ڏينهن ڏوهاري خواهش ڪندو تہ ڪاش اهو اجوڪي ڏينهن پنهن جن پٽن

وَصَاحِبَتِهٖ وَاَخِيْهِ ﴿١٣﴾

١٣۔ ۽ پنهنجي زال ۽ پنهنجي ڀاءُ

وَفَصِيْلَتِهِ الَّتِيْ تُـْٔوِيْهِ ﴿١۴﴾

١۴۔ ۽ پنهن جي انهيءَ قبيلي جي ذريعي جنهن کان اهو پناهہ وٺندو هو.

وَمَنْ فِي الْاَرْضِ جَمِيْعًا ۙ ثُمَّ يُنْجِيْهِ ﴿١٥﴾

١٥۔ ۽ دنيا ۾ جيڪي ڪي آهي انهيءَ جي قربانيءَ سان پنهن جي پاڻکي بچائي وٺي.

كَلَّا ۭ اِنَّهَا لَظٰى ﴿١٦﴾

١٦۔ ٻڌو! هيءَ عذاب جنهن جي خبر ڏني ويئي آهي الي وارو عذاب آهي.

نَزَّاعَةً لِّلشَّوٰى ﴿١٧﴾

١٧۔ مٿي تائين چمڙيءَ کي ڇڪڻ وارو عذاب آهي.

تَدْعُوْا مَنْ اَدْبَرَ وَتَوَلّٰى ﴿١٨﴾

١٨۔ جيڪو شخص انهيءَ کان پٺڻ گهرندو ۽ پٺي ڦيرائي ڇڏيندو انهيءَ کي بہ اهو پنهن جي طرف سڏيندو.

وَجَمَعَ فَاَوْعٰى ﴿١٩﴾

١٩۔ ۽ انهيءَ کي بہ جيڪو سڄي عمر دنيا ۾ مال جمع ڪندو رهيو ۽ هڪ وڏي رقم جمع ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو.

اِنَّ الْاِنْسَانَ خُلِقَ هَلُوْعًا ﴿٢٠﴾

٢٠۔ انسان جي فطرت ۾ غير مستقل مزاجي آهي.

اِذَا مَسَّهُ الشَّرُّ جَزُوْعًا ﴿٢١﴾

٢١۔ جڏهين انهيءَ کي ڪا تڪليف پهچي ٿي تہ گهبرائجي وڃي ٿو.

وَّاِذَا مَسَّهُ الْخَيْرُ مَنُوْعًا ﴿٢٢﴾

٢٢۔ ۽ جڏهن انهيءَ کي ڪو فائدو پهچي ٿو تہ ڪنجوسي ڪرڻ لڳي ٿو (۽ نٿو چاهي تہ ڪو انهيءَ جو شريڪ هجي)

اِلَّا الْمُصَلِّيْنَ ﴿٢٣﴾

٢٣۔ سواءِ نماز پڙهڻ وارن جي.

الَّذِيْنَ هُمْ عَلٰى صَلَاتِهِمْ دَاۗىِٕمُوْنَ ﴿٢۴﴾

٢۴۔ جيڪي پنهن جن نمازن تي هميشه قائم رهن ٿا.

عَنِ الْيَمِينِ وَعَنِ الشِّمَالِ عِزِينَ ﴿٣٧﴾

٣٨. ساڄي طرف کان ۽ کاٻي طرف کان ٽوليون ٽوليون جي صورت ۾

أَيَطْمَعُ كُلُّ امْرِئٍ مِّنْهُمْ أَن يُدْخَلَ جَنَّةَ نَعِيمٍ ﴿٣٨﴾

٣٩. ڇا انهن مان هر شخص گهري ٿو ته انهيءَ کي نعمت واري جنت ۾ داخل ڪيو وڃي (خواهه دنيوي هجي يا اخروي)

كَلَّا إِنَّا خَلَقْنَاهُم مِّمَّا يَعْلَمُونَ ﴿٣٩﴾

٤٠. ائين هرگز نه ٿيندو، اسان انهن کي انهيءَ شيءِ مان پيدا ڪيو آهي، جنهن کي اهي ڄاڻن ٿا.

فَلَا أُقْسِمُ بِرَبِّ الْمَشَارِقِ وَالْمَغَارِبِ إِنَّا لَقَادِرُونَ ﴿٤٠﴾

٤١. پوءِ مان (هن قرآن کي نازل ڪرڻ واري) اوڀر ۽ اولهه جي رب کي شاهديءَ طور تي پيش ڪيان ٿو ته اسان انهيءَ ڳالهه تي قادر آهيون.

عَلَىٰ أَن نُّبَدِّلَ خَيْرًا مِّنْهُمْ وَمَا نَحْنُ بِمَسْبُوقِينَ ﴿٤١﴾

٤٢. جو انهيءَ قوم کي تباهه ڪري هڪ ٻي سٺي قوم پيدا ڪيون، ۽ ڪوبه اسانکي انهيءَ ارادي کان باز نٿو رکي سگهي.

فَذَرْهُمْ يَخُوضُوا وَيَلْعَبُوا حَتَّىٰ يُلَاقُوا يَوْمَهُمُ الَّذِي يُوعَدُونَ ﴿٤٢﴾

٤٣. پوءِ تون انهن کي ڇڏي ڏي جو اهي سچائيءَ کي گدلو ڪندا رهن ۽ کل تماشي ۾ مبتلا رهن انهيءَ وقت تائين جو اهي انهيءَ ڏينهن کي ڏسن جنهن جو انهن سان واعدو ڪيو وڃي ٿو.

يَوْمَ يَخْرُجُونَ مِنَ الْأَجْدَاثِ سِرَاعًا كَأَنَّهُمْ إِلَىٰ نُصُبٍ يُوفِضُونَ ﴿٤٣﴾

٤٤. جنهن ڏينهن اهي قبرن مان جيئرا ٿي نڪرندا ۽ جلدي جلدي ڀڄي رهيا هوندا ڄڻ ته اهي خاص ٿنڀن ڏانهن ڀڄندا وڃن ٿا.

خَاشِعَةً أَبْصَارُهُمْ تَرْهَقُهُمْ ذِلَّةٌ ۚ ذَٰلِكَ الْيَوْمُ الَّذِي كَانُوا يُوعَدُونَ ﴿٤٤﴾ ع ٢

٤٥. انهن جون اکيون شرم کان جهڪيل هونديون ۽ انهن جي منهن تي خواري ڇانيل هوندي اهي اهو ڏينهن آهي جنهن جو انهن سان واعدو ڪيو وڃي ٿو.

سُوْرَةُ نُوْحٍ مَّكِّيَّةٌ وَّهِيَ مَعَ الْبَسْمَلَةِ تِسْعٌ وَّعِشْرُوْنَ اٰيَةً وَّرُكُوْعَانِ

سورت نوح - هيءَ سورت مڪي آهي ۽ بسم الله سميت هن جون اٺيھہ آيتون ۽ ٻہ رڪوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ①

١- (مان) الله جو نالو وٺي جيڪو بيحد ڪرم ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي (پڙهانٿو)

اِنَّآ اَرْسَلْنَا نُوْحًا اِلٰى قَوْمِهٖٓ اَنْ اَنْذِرْ قَوْمَكَ مِنْ قَبْلِ اَنْ يَّاْتِيَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ②

٢- اسان نوح کي انهيءَ جي قوم ڏانهن هيءَ چئي موڪليو هو تہ پنهن جي قوم کي انهيءَ وقت کان پهرين هوشيار ڪر جڏهن انهن تي دردناڪ عذاب نازل ٿئي.

قَالَ يٰقَوْمِ اِنِّيْ لَكُمْ نَذِيْرٌ مُّبِيْنٌ ③

٣- انهي (پنهن جي قوم سان مخاطب ٿي) چيو هو - اي منهن جي قوم! مان توهان ڏانهن هڪ ظاهر ظهور ڊيڄارڻ وارو (نبي) ٿي آيو آهيان.

اَنِ اعْبُدُوا اللّٰهَ وَاتَّقُوْهُ وَاَطِيْعُوْنِ ④

٤- (۽ توهانکي چوانٿو تہ) صرف الله جي عبادت ڪيو ۽ انهيءَ جي تقويٰ اختيار ڪيو ۽ منهن جي فرمانبرداري ڪيو.

يَغْفِرْ لَكُمْ مِّنْ ذُنُوْبِكُمْ وَيُؤَخِّرْكُمْ اِلٰٓى اَجَلٍ مُّسَمًّى ۭ اِنَّ اَجَلَ اللّٰهِ اِذَا جَاۗءَ لَا يُؤَخَّرُ ۘ لَوْ كُنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ⑤

٥- هو توهانجن گناهن کي معاف ڪندو ۽ توهانکي هڪ وقت مقرر ڪيل تائين مهلت ڏيندو ۽ جيڪڏهين توهان چاٿو ٿا تہ سمجهي وجو تہ الله جيڪا مدت ڪنهن قوم جي تباهي جيلاءِ مقرر ڪري ٿو.جڏهين اها اچي وڃي ٿي تہ اڳتي پوئتي نٿي ڪري سگهجي.

قَالَ رَبِّ اِنِّيْ دَعَوْتُ قَوْمِيْ لَيْلًا وَّنَهَارًا ⑥

٦- پوءِ انهيءَ (الله کي) چيو اي منهنجا رب! مون پنهن جي قوم کي رات جي وقت بہ سڏيو ۽ ڏينهن جي وقت بہ سڏيو.

فَلَمْ يَزِدْهُمْ دُعَآءِيْٓ اِلَّا فِرَارًا (٧)

٧- پر منهن جي تبليغ جي سببان اهي اجا به پري ڀڄڻ لڳا.

وَاِنِّيْ كُلَّمَا دَعَوْتُهُمْ لِتَغْفِرَ لَهُمْ جَعَلُوْٓا اَصَابِعَهُمْ فِيْٓ اٰذَانِهِمْ وَاسْتَغْشَوْا ثِيَابَهُمْ وَاَصَرُّوْا وَاسْتَكْبَرُوا اسْتِكْبَارًا (٨)

٨- ۽ مون جڏهين به انهن کي تبليغ ڪئي انهيءَ لاءِ ته اهي مڃي وڃن ۽ تون انهن کي معاف ڪري ڇڏين ته انهن پنهنجون آڱريون پنهنجن ڪنن ۾ وجهي ڇڏيون ۽ پنهنجا ڪپڙا (پنهنجي منهن جي چوڌاري) ويڙهي ڇڏيا ۽ انڪار تي هٺ ڪيائون ۽ سخت تڪبر کان ڪم ورتائون.

ثُمَّ اِنِّيْ دَعَوْتُهُمْ جِهَارًا (٩)

٩- پوءِ مون انهن کي بلند آواز سان (يعني تقريرن جي ذريعي) تبليغ ڪئي.

ثُمَّ اِنِّيْٓ اَعْلَنْتُ لَهُمْ وَاَسْرَرْتُ لَهُمْ اِسْرَارًا (١٠)

١٠- پوءِ مون انهن کي ظاهر ۾ سمجهائڻ کانپوءِ انهن کي ڳجهي تبليغ ڪئي.

فَقُلْتُ اسْتَغْفِرُوْا رَبَّكُمْ اِنَّهٗ كَانَ غَفَّارًا (١١)

١١- ۽ مون انهن کي چيو پنهنجي رب کان استغفار ڪيو هو وڏو بخشڻ وارو آهي.

يُّرْسِلِ السَّمَآءَ عَلَيْكُمْ مِّدْرَارًا (١٢)

١٢- جيڪڏهين توهان توبه ڪندؤ ته اهو وسڻ واري ڪڪر کي توهان ڏانهن موڪليندو.

وَّيُمْدِدْكُمْ بِاَمْوَالٍ وَّبَنِيْنَ وَيَجْعَلْ لَّكُمْ جَنّٰتٍ وَّيَجْعَلْ لَّكُمْ اَنْهٰرًا (١٣)

١٣- ۽ مالن ۽ اولاد سان توهانجي مدد ڪندو ۽ توهانجي لاءِ باغ ڄمائيندو ۽ توهان جي لاءِ درياهه وهائيندو.

مَا لَكُمْ لَا تَرْجُوْنَ لِلّٰهِ وَقَارًا (١٤)

١٤- توهانکي ڇا ٿي ويو آهي جو توهان الله کان حڪمت جي اميد نٿا رکو.

وَقَدْ خَلَقَكُمْ اَطْوَارًا (١٥)

١٥- حالانڪ انهيءَ توهانکي ڏاڍين ترقين حاصل ڪرڻ جي طاقت ڏيئي موڪليو آهي.

اَلَمْ تَرَوْا كَيْفَ خَلَقَ اللّٰهُ سَبْعَ سَمٰوٰتٍ طِبَاقًا (١٦)

١٦- ڇا توهان ڏٺو نه آهي ته الله ڪهڙيءَ طرح ست آسمان پيدا ڪيا آهن جيڪي (قانون جي لحاظ کان) هڪ ٻئي جي مطابق

آهن.

وَّجَعَلَ الْقَمَرَ فِيهِنَّ نُورًا وَّجَعَلَ الشَّمْسَ سِرَاجًا ﴿١٦﴾

١٧. ۽ انهيءَ چنڊ کي انهن (آسمانن) ۾ نور جو ذريعو بنايو آهي ۽ سج کي آسمانن ۾ هڪ ڏيئي جي حيثيت ۾ بنايو آهي.

وَاللّٰهُ اَنْۢبَتَكُمْ مِّنَ الْاَرْضِ نَبَاتًا ﴿١٧﴾

١٨. ۽ الله زمين مان توهانکي پيدا ڪيو ۽ پروش ڪئي.

ثُمَّ يُعِيدُكُمْ فِيهَا وَيُخْرِجُكُمْ اِخْرَاجًا ﴿١٨﴾

١٩. پوءِ هو توهانکي موٽائي انهيءَ ۾ وٺي ويندو ۽ توهانکي انهيءَ مان ڪڍندو.

وَاللّٰهُ جَعَلَ لَكُمُ الْاَرْضَ بِسَاطًا ﴿١٩﴾

٢٠. ۽ الله زمين کي هموار بنايو آهي.

لِّتَسْلُكُوا مِنْهَا سُبُلًا فِجَاجًا ﴿٢٠﴾ ع

٢١. انهيءَ لاءِ تہ توهان انهيءَ جي کليل رستن تي هلو.

قَالَ نُوحٌ رَّبِّ اِنَّهُمْ عَصَوْنِي وَاتَّبَعُوا مَنْ لَّمْ يَزِدْهُ مَالُهٗ وَوَلَدُهٗۤ اِلَّا خَسَارًا ﴿٢١﴾

٢٢. پوءِ نوح چيو اي منهنجا رب! انهن منهن جي نافرماني ڪئي آهي ۽ (منهن جي بجاءِ) انهيءَ جي پويان هلي پيا آهن جنهن جو مال ۽ اولاد انهيءَ کي روحاني گهاٽي ۾ وڌائيندو ويو.

وَمَكَرُوا مَكْرًا كُبَّارًا ﴿٢٢﴾

٢٣. ۽ (منهن جي خلاف) انهن وڏيون وڏيون تدبيرون ڪيون.

وَقَالُوا لَا تَذَرُنَّ اٰلِهَتَكُمْ وَلَا تَذَرُنَّ وَدًّا وَّلَا سُوَاعًا ۙ وَّلَا يَغُوثَ وَيَعُوقَ وَنَسْرًا ﴿٢٣﴾

٢٤. ۽ (پنهن قوم کي) چوندا رهيا آهن تہ توهان پنهن جن معبودن کي نہ ڇڏجو نہ ود کي ڇڏجو، نہ سواع کي ڇڏجو ۽ نہ يغوث کي ۽ نہ يعوق کي ۽ نہ نسر کي.

وَقَدْ اَضَلُّوا كَثِيرًا ۚ وَلَا تَزِدِ الظّٰلِمِينَ اِلَّا ضَلٰلًا ﴿٢٤﴾

٢٥. ۽ انهن ڪيترن ماڻهن کي گمراهہ ڪري ڇڏيو ۽ (اي خدا!) ظالمن کي صرف ناڪامي ۾ ئي وڌاءِ .

مِمَّا خَطِيٓئٰتِهِمْ اُغْرِقُوا فَاُدْخِلُوا نَارًا ۙ فَلَمْ يَجِدُوا لَهُمْ مِّنْ دُونِ اللّٰهِ اَنْصَارًا ﴿٢٥﴾

٢٦. اهي پنهن جن گناهن جي ڪري غرق ڪيا ويا، ۽ باهہ ۾ داخل ڪيا ويا ۽ الله کانسواءِ انهن پنهن جي لاءِ ڪوبہ مددگار

نہ پاتو.

وَقَالَ نُوحٌ رَّبِّ لَا تَذَرْ عَلَى الْأَرْضِ مِنَ الْكٰفِرِيْنَ دَيَّارًا ﴿۲۶﴾

۲۷۔ ۽ نوح اهو بہ دعا ڪئي تہ اي منهنجا رب! زمين تي ڪافرن جو ڪوبہ گهر باقي نہ رهي.

إِنَّكَ إِنْ تَذَرْهُمْ يُضِلُّوْا عِبَادَكَ وَلَا يَلِدُوْٓا إِلَّا فَاجِرًا كَفَّارًا ﴿۲۷﴾

۲۸۔ جيڪڏهين تون انهن کي ائين ڇڏي ڏيندين تہ اهي تنهن جن ٻين ٻانهن کي بہ گمراهہ ڪندا اهي فاجر ۽ ڪفر ڪرڻ واري ڪانسواءِ ڪوبہ ٻار نہ ڄڻيندا.

رَبِّ اغْفِرْ لِيْ وَلِوَالِدَيَّ وَلِمَنْ دَخَلَ بَيْتِيَ مُؤْمِنًا وَّلِلْمُؤْمِنِيْنَ وَالْمُؤْمِنٰتِ ۗ وَلَا تَزِدِ الظّٰلِمِيْنَ إِلَّا تَبَارًا ﴿۲۸﴾

۲۹۔ اي منهنجا رب! مونکي ۽ منهن جي ماءُ پيءُ کي ۽ هر ڪنهن انهيءَ شخص کي جيڪو منهن جي گهر ۾ مومن ٿي داخل ٿئي ٿو انهيءَ کي بخش ۽ سڀني مومن مردن ۽ سڀني مومن عورتن کي بہ ۔ ۽ ائين ٿئي جو ظالم صرف تباهيءَ ۾ ئي ترقي ڪن (انهن کي ڪاميابي نصيب نہ ٿئي).

# سُوْرَةُ الْجِنِّ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ مَعَ الْبَسْمَلَةِ تِسْعٌ وَّعِشْرُوْنَ اٰيَةً وَّ رُكُوْعَانِ

سورت جن - هيءَ سورت مڪي آهي ۽ بسم الله سميت هن جون اٺيھہ آيتون ۽ ٻہ رڪوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ①

١- (مان) الله جو نالو وٺي جيڪو بيحد ڪرم ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي (پڙهانٿو)

قُلْ اُوْحِيَ اِلَيَّ اَنَّهُ اسْتَمَعَ نَفَرٌ مِّنَ الْجِنِّ فَقَالُوْٓا اِنَّا سَمِعْنَا قُرْاٰنًا عَجَبًا ②

٢- تون چو مونکي وحي ڪئي ويئي آهي تہ جنّن مان ڪن فردن توکان (قرآن) ٻڌو سو جڏهين اهي پنهن جي قوم ڏانهن موٽي ويا تہ) انهن پنهن جي قوم کي چيو تہ اسان هڪ عجيب قرآن ٻڌو آهي.

يَّهْدِيْٓ اِلَى الرُّشْدِ فَاٰمَنَّا بِهٖ ۭ وَلَنْ نُّشْرِكَ بِرَبِّنَآ اَحَدًا ③

٣- اهو هدايت طرف وٺي وڃيٿو جنهن جي نتيجي ۾ اسان انهيءَ تي ايمان آندو آهي ۽ اسان آئيندي ڪڏهين پنهن جي رب جو ڪنهن کي شريڪ نہ ٺهرائينداسين.

وَّاَنَّهٗ تَعٰلٰى جَدُّ رَبِّنَا مَا اتَّخَذَ صَاحِبَةً وَّلَا وَلَدًا ④

٤- ۽ حق هي آهي تہ اسانجو رب ڏاڍي بلند شان وارو آهي ۽ نہ انهيءَ ڪڏهين ڪا زال بنائي آهي ۽ نہ پٽ بنايو آهي.

وَّاَنَّهٗ كَانَ يَقُوْلُ سَفِيْهُنَا عَلَى اللّٰهِ شَطَطًا ⑤

٥- ۽ اها بہ حقيقت آهي تہ اسان مان بيوقوف ماڻهو الله جي متعلق غير واجبي ڳالهيون چوندا هئا.

وَّاَنَّا ظَنَنَّآ اَنْ لَّنْ تَقُوْلَ الْاِنْسُ وَالْجِنُّ عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا ⑥

٦- ۽ اسان انهيءَ خيال تي هئاسين تہ انسان ۽ جنّ الله جي متعلق تہ ڪوڙ نٿا ڳالهائي سگهن.

وَّاَنَّهٗ كَانَ رِجَالٌ مِّنَ الْاِنْسِ يَعُوْذُوْنَ بِرِجَالٍ مِّنَ الْجِنِّ فَزَادُوْهُمْ رَهَقًا ⑦

٧- ۽ وري هيءَ بہ حقيقت آهي تہ انسانن مان ڪي ماڻهو اهڙا هئا جيڪي جنّن مان ڪن فردن جي پناهہ گهرندا هئا سو انهيءَ جو نتيجو اهو ٿيو (جو انسانن جي جنّن جي پناهہ گهرڻ) جنّن کي تڪبر ۾ اجا بہ وڌائي

جڏيو.

وَّ اَنَّهُمْ ظَنُّوْا كَمَا ظَنَنْتُمْ اَنْ لَّنْ يَّبْعَثَ اللّٰهُ اَحَدًا ۙ(۸)

۸۔ ۽ يقينن اهي (يهودي) جن بہ يقين رکندا هئا جهڙيءَ طرح توهان يقين رکو ٿا تہ الله ڪنهن کي نبي بڻائي مبعوث نہ ڪندو.

وَّ اَنَّا لَمَسْنَا السَّمَآءَ فَوَجَدْنٰهَا مُلِئَتْ حَرَسًا شَدِيْدًا وَّ شُهُبًا ۙ(۹)

۹۔ ۽ اسان آسمان کي ڇهيو (يعني آسماني علم حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي) پر اسان انهيءَ کي مضبوط پهريدارن ۽ شهاب ثاقب سان ڀريل ڀاتو.

وَّ اَنَّا كُنَّا نَقْعُدُ مِنْهَا مَقَاعِدَ لِلسَّمْعِ ؕ فَمَنْ يَّسْتَمِعِ الْاٰنَ يَجِدْ لَهٗ شِهَابًا رَّصَدًا ۙ(۱۰)

۱۰۔ ۽ اسان انهيءَ ۾ (آسماني ڳالهين) ٻڌڻ جي لاءِ (پهرين) وهندا هئاسين پر هاڻي جيڪو بہ (آسماني ڳالهين) ٻڌڻ جي ڪوشش ڪري ٿو تہ اهو هڪ (مارينڊڙ) الانبي واري تاري کي پنهن جي تاڙ ۾ ڏسي ٿو.

وَّ اَنَّا لَا نَدْرِيْۤ اَشَرٌّ اُرِيْدَ بِمَنْ فِي الْاَرْضِ اَمْ اَرَادَ بِهِمْ رَبُّهُمْ رَشَدًا ۙ(۱۱)

۱۱۔ ۽ اسان نٿا ڄاڻون تہ انهيءَ اچڻ واري جي ذريعي زمين ۾ رهڻ وارن ماڻهن جيلاءِ ڪهڙي عذاب جو فيصلو ڪيو ويو آهي يا انهن جي لاءِ انهن جي رب هدايت ڏيڻ جو فيصلو ڪيو آهي.

وَّ اَنَّا مِنَّا الصّٰلِحُوْنَ وَ مِنَّا دُوْنَ ذٰلِكَ ؕ كُنَّا طَرَآئِقَ قِدَدًا ۙ(۱۲)

۱۲۔ ۽ اسان مان ڪي نيڪ ماڻهو بہ آهن ۽ ڪي انهيءَ جي خلاف بہ آهن ۔ اسان مختلف رستن تي وڃي رهيا هئاسين.

وَّ اَنَّا ظَنَنَّاۤ اَنْ لَّنْ نُّعْجِزَ اللّٰهَ فِي الْاَرْضِ وَ لَنْ نُّعْجِزَهٗ هَرَبًا ۙ(۱۳)

۱۳۔ ۽ اسان يقين رکيو ٿي تہ اسان دنيا ۾ الله کي ناڪام نٿا بڻائي سگهون ۽ نہ اسان انهيءَ کان ڀڄي ڀڪي ناڪام بڻائي سگهون ٿا.

وَّ اَنَّا لَمَّا سَمِعْنَا الْهُدٰۤى اٰمَنَّا بِهٖ ؕ فَمَنْ يُّؤْمِنْۢ بِرَبِّهٖ فَلَا يَخَافُ بَخْسًا وَّ لَا رَهَقًا ۙ(۱۴)

۱۴۔ ۽ اسان تہ جڏهين هدايت جو علم ٻڌو انهيءَ تي ايمان آندو ۽ جيڪو شخص پنهن جي رب تي ايمان آڻي ٿو تہ نہ ڪنهن نقصان کان ڊڄي ٿو ۽ نہ ڪنهن ظلم کان ڊڄي ٿو.

مِنْ دُوْنِهٖ مُلْتَحَدًا ۙ﴿٢٢﴾

مونتي عذاب نازل ڪري تہ) مونکي الله جي عذاب کان بچائڻ وارو ڪوبہ ڪونهي ۽ انهيءَ کي ڇڏي مان ڪوبہ ٺڪاڻو نٿو لهان.

اِلَّا بَلٰغًا مِّنَ اللّٰهِ وَرِسٰلٰتِهٖ ؕ وَمَنْ يَّعْصِ اللّٰهَ وَ رَسُوْلَهٗ فَاِنَّ لَهٗ نَارَجَهَنَّمَ خٰلِدِيْنَ فِيْهَآ اَبَدًا ؕ﴿٢٣﴾

٢٣. منهن جو ڪم تہ صرف اهو آهي تہ الله جي ڳالهہ ۽ انهيءَ جو پيغام پهچايان ۽ جيڪي ماڻهو الله ۽ انهيءَ جي رسول جي ڳالهہ نٿا مڃين انهن کي دوزخ ملي ٿو ۽ اهي انهيءَ ۾ دير تائين رهندا ايندا.

حَتّٰۤى اِذَا رَاَوْا مَا يُوْعَدُوْنَ فَسَيَعْلَمُوْنَ مَنْ اَضْعَفُ نَاصِرًا وَّ اَقَلُّ عَدَدًا ؕ﴿٢٤﴾

٢٥. ها ! جيڏهين اهي واعدي ڪيل عذاب کي ڏسندا تہ خبر پونديَن (تہ انهن جو ۽ محمد رسول الله صلي الله عليه وسلم جو مقابلو مد نظر رکندي) مددگار جي لحاظ کان ڪير ڪمزور آهي ۽ تعداد جي لحاظ کان ڪير ٿورو آهي.

قُلْ اِنْ اَدْرِيْۤ اَقَرِيْبٌ مَّا تُوْعَدُوْنَ اَمْ يَجْعَلُ لَهٗ رَبِّيْۤ اَمَدًا ﴿٢٥﴾

٢٦. تون چئو تہ مان نٿو ڄاڻان تہ توهانجي واعدي ڪيل گهڙي ويجهي آهي يا انهيءَ جي لاءِ ڪا ڊگهي مدت مقرر ڪندو.

عٰلِمُ الْغَيْبِ فَلَا يُظْهِرُ عَلٰى غَيْبِهٖۤ اَحَدًا ۙ﴿٢٦﴾

٢٧. غيب جي ڄاڻڻ وارو اهو آهي ۽ اهو پنهن جي غيب تي ڪنهن کي بہ غالب نٿو ڪري.

اِلَّا مَنِ ارْتَضٰى مِنْ رَّسُوْلٍ فَاِنَّهٗ يَسْلُكُ مِنْۢ بَيْنِ يَدَيْهِ وَمِنْ خَلْفِهٖ رَصَدًا ۙ﴿٢٧﴾

٢٨. سواءِ اهڙي رسول جي جنهن کي هو انهيءَ ڪم جي لاءِ پسند ڪري ٿو ۽ انهيءَ رسول جو اهو شان آهي جو انهيءَ جي اڳيان بہ ۽ انهيءَ جي پٺيان بہ حفاظتي فرشتن جو گهاٽ هلي ٿو.

لِّيَعْلَمَ اَنْ قَدْ اَبْلَغُوْا رِسٰلٰتِ رَبِّهِمْ وَاَحَاطَ بِمَا لَدَيْهِمْ وَاَحْصٰى كُلَّ شَيْءٍ عَدَدًا ﴿٢٨﴾ ع ٢

٢٩. انهيءَ لاءِ تہ الله کي خبر پوي تہ انهن رسولن پنهن جي رب جي پيغام کي ماڻهن تائين پهچايو آهي ۽ اهو جيڪي کي انهن وٽ آهي انهيءَ کي گهيري ۾ رکيو آهي ۽ هر شيءِ کي ڳڻي رکي ٿو.

## سُوْرَةُ الْمُزَّمِّلِ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ مَعَ الْبَسْمَلَةِ اِحْدٰى وَعِشْرُوْنَ اٰيَةً وَّرُكُوْعَانِ

**سورت مزمل ـ هيءَ سورت مڪي آهي ۽ بسم الله سميت هن جون ايڪيهہ آيتون ۽ ٻہ رڪوع آهن.**

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ①

١ـ (مان) الله جو نالو وٺي جيڪو بيحد ڪرم ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي (پڙهانٿو)

يٰٓاَيُّهَا الْمُزَّمِّلُ ②

٢ـ اي چادر ۾ ويڙهيل (خدا جي رحمت جو انتظار ڪرڻ وارا)

قُمِ الَّيْلَ اِلَّا قَلِيْلًا ③

٣ـ رات جو اٿي عبادت ڪر ـ جنهن مان اسانجي مراد هيءَ آهي تہ رات جو اڪثر حصو عبادت ۾ گذاريندو ڪر.

نِّصْفَهٗٓ اَوِ انْقُصْ مِنْهُ قَلِيْلًا ④

٤ـ يعني انهيءَ جو اڌ يا اڌ کان ڪجهہ گهٽ ڪري ڇڏ.

اَوْ زِدْ عَلَيْهِ وَرَتِّلِ الْقُرْاٰنَ تَرْتِيْلًا ⑤

٥ـ يا انهيءَ تي ڪجهہ ٻيو وڌائي ڇڏ ـ ۽ قرآن کي ٺاهي ٺاهي پڙهندو ڪر.

اِنَّا سَنُلْقِيْ عَلَيْكَ قَوْلًا ثَقِيْلًا ⑥

٦ـ اسان توتي هڪ اهڙو ڪلام لاهڻ وارا آهيون (جيڪو ذميواريءَ جي لحاظ کان) ڏاڍو ڳرو آهي.

اِنَّ نَاشِئَةَ الَّيْلِ هِيَ اَشَدُّ وَطْاً وَّاَقْوَمُ قِيْلًا ⑦

٧ـ رات جو اٿڻ نفس کي پيرن هيٺان چيڀاٽڻ ۾ سڀ کان ڪامياب نسخو آهي ۽ رات جو جاڳڻ وارن کي سچ جي ٻہ عادت پئجي ويجي ٿي.

اِنَّ لَكَ فِي النَّهَارِ سَبْحًا طَوِيْلًا ⑧

٨ـ توکي ڏينهن جي وقت تمام گهڻو ڪم هوندو آهي.

وَاذْكُرِ اسْمَ رَبِّكَ وَتَبَتَّلْ اِلَيْهِ تَبْتِيْلًا ⑨

٩ـ ۽ گهرجي تہ تون پنهن جي رب جي صفتن کي ياد ڪندو ڪر ۽ انهيءَ سان دل لڳائيندو ڪر.

رَبُّ الْمَشْرِقِ وَالْمَغْرِبِ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ فَاتَّخِذْهُ

١٠ـ اهو مشرق جو بہ رب آهي ۽ مغرب جو

وارو آهي - اهو انهيءَ (خدا) جو واعدو آهي جيڪو پورو ٿي رهندو.

اِنَّ هٰذِهٖ تَذْكِرَةٌ ۚ فَمَنْ شَآءَ اتَّخَذَ اِلٰى رَبِّهٖ سَبِيْلًا ﴿٢٠﴾ ع ۲ ۱۳

۲۰- هيءَ (قرآن) هڪ نصيحت آهي - پوءِ جيڪو چاهي پنهن جي رب ڏانهن وڃڻ وارو رستو اختيار ڪري وٺي.

اِنَّ رَبَّكَ يَعْلَمُ اَنَّكَ تَقُوْمُ اَدْنٰى مِنْ ثُلُثَيِ الَّيْلِ وَنِصْفَهٗ وَثُلُثَهٗ وَطَآئِفَةٌ مِّنَ الَّذِيْنَ مَعَكَ ؕ وَاللّٰهُ يُقَدِّرُ الَّيْلَ وَالنَّهَارَ ؕ عَلِمَ اَنْ لَّنْ تُحْصُوْهُ فَتَابَ عَلَيْكُمْ فَاقْرَءُوْا مَا تَيَسَّرَ مِنَ الْقُرْاٰنِ ؕ عَلِمَ اَنْ سَيَكُوْنُ مِنْكُمْ مَّرْضٰى ۙ وَاٰخَرُوْنَ يَضْرِبُوْنَ فِى الْاَرْضِ يَبْتَغُوْنَ مِنْ فَضْلِ اللّٰهِ ۙ وَاٰخَرُوْنَ يُقَاتِلُوْنَ فِىْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ۖؗ فَاقْرَءُوْا مَا تَيَسَّرَ مِنْهُ ۙ وَاَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ وَاٰتُوا الزَّكٰوةَ وَاَقْرِضُوا اللّٰهَ قَرْضًا حَسَنًا ؕ وَمَا تُقَدِّمُوْا لِاَنْفُسِكُمْ مِّنْ خَيْرٍ تَجِدُوْهُ عِنْدَ اللّٰهِ هُوَ خَيْرًا وَّاَعْظَمَ اَجْرًا ؕ وَاسْتَغْفِرُوا اللّٰهَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿٢١﴾ ع ۲ ۱۴

۲۱- تنهن جو رب ڄاڻي ٿو تہ تون ٻن ٽهائين رات کان ڪجهہ گهٽ نماز جي لاءِ بيٺو رهين ٿو ۽ ڪڏهين ڪڏهين اڌ جي برابر ۽ ڪڏهين هڪ ٽهائي جي برابر - ۽ اهڙي طرح ڪجهہ تنهنجا ساٿي بہ ۽ الله رات ۽ ڏينهن کي ننڍو وڏو ڪندو رهي ٿو - خدا ڄاڻي ٿو تہ توهان پوريءَ طرح نماز جي وقت جو اندازو نٿا لڳائي سگهو- پوءِ انهيءَ توهان تي رحم ڪيو آهي پوءِ گهرجي تہ قرآن مان جيترو ميسر ٿئي توهان رات جي وقت پڙهندا ڪيو الله ڄاڻي ٿو تہ توهان مان ڪي بيمار بہ هوندا ۽ ڪي واپار جي مقصد سان سفر تي بہ نڪرندا ۽ ڪي ماڻهو الله جي رستي ۾ جهاد ڪرڻ بہ نڪرندا - پوءِ (اسان بنان حدبنديءَ جي چئون ٿا تہ) قرآن مان جيترو ميسر اچي پڙهندا ڪيو ۽ نمازون شرطن مطابق ادا ڪيو ۽ زڪوات ڏيندا ڪيو ۽ الله کي خوش ڪرڻ جي لاءِ پنهن جي مال جو هڪ سٺو ٽڪرو ڪٽي الڳ ڪندا ڪيو ۽ جيڪا ڀلائي بہ توهان پنهن جن جانين جي لاءِ اڳتي موڪليندو - توهان انهيءَ کي الله وٽ حاصل ڪندؤ ۽ اها بهتر ۽ اجر ۾ وڌيڪ هوندي ۽ الله کان استغفار ڪيو - الله گهڻو معاف ڪرڻ وارو (۽) بي حد ڪرم ڪرڻ وارو آهي.

## سُوْرَةُ الْمُدَّثِّرِ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ مَعَ الْبَسْمَلَةِ سَبْعٌ وَّخَمْسُوْنَ اٰيَةً وَّرُكُوْعَانِ

سورت مدثر - هيءَ سورت مڪي آهي ۽ بسم الله سميت هن جون ستونجاهه آيتون ۽ ٻه رڪوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ①

١- (مان) الله جو نالو وٺي جيڪو بيحد ڪرم ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي (پڙهانٿو)

يٰاَيُّهَا الْمُدَّثِّرُ ②

٢- اي باراني ڪوٽ پائي ويهڻ وارا.

قُمْ فَاَنْذِرْ ③

٣- اٿي کڙو ٿيءُ ۽ پري پري وڃي ماڻهن کي هوشيار ڪر.

وَرَبَّكَ فَكَبِّرْ ④

٤- ۽ پنهن جي رب جي وڏائي بيان ڪر.

وَثِيَابَكَ فَطَهِّرْ ⑤

٥- ۽ پاڻوٽ رهڻ وارن ماڻهن کي پاڪ ڪر.

وَالرُّجْزَ فَاهْجُرْ ⑥

٦- ۽ شرڪ کي مٽائي ڇڏ.

وَلَا تَمْنُنْ تَسْتَكْثِرُ ⑦

٧- ۽ انهيءَ نيت سان احسان نه ڪر ته انهيءَ جي بدلي ۾ توکي گهڻو ملندو.

وَلِرَبِّكَ فَاصْبِرْ ⑧

٨- ۽ (بزدليءَ سان نه پر) پنهن جي رب کي خوش ڪرڻ جي لاءِ صبر کان ڪم وٺ.

فَاِذَا نُقِرَ فِي النَّاقُوْرِ ⑨

٩- ۽ جڏهن بگل ۾ ڦوڪيو ويندو.

فَذٰلِكَ يَوْمَئِذٍ يَّوْمٌ عَسِيْرٌ ⑩

١٠- ته اهو ڏينهن هڪ سخت ڏينهن هوندو.

عَلَى الْكٰفِرِيْنَ غَيْرُ يَسِيْرٍ ⑪

١١- ڪافرن جيلاءِ هرگز آسان نه هوندو.

ذَرْنِيْ وَمَنْ خَلَقْتُ وَحِيْدًا ⑫

١٢- (اي رسول!) مونکي ۽ انهيءَ کي جنهن کي مون بي يار و مددگار پيدا ڪيو هو اڪيلو ڇڏي ڏي.

وَّجَعَلْتُ لَهٗ مَالًا مَّمْدُوْدًا ⑬

١٣- انهيءَ جيلاءِ ڏاڍو مال پيدا ڪيو هو.

وَّبَنِيْنَ شُهُوْدًا ⑭

١٤- ۽ اهڙو اولاد به جو هر وقت انهيءَ جي اڳيان ڦرندو هو.

وَّمَهَّدْتُّ لَهٗ تَمْهِيْدًا ﴿١٥﴾

١٥۔ ۽ مون انهيءَ جي لاءِ ڏاڍا ترقين جا سامان پيدا ڪيا هئا.

ثُمَّ يَطْمَعُ اَنْ اَزِيْدَ ﴿١٦﴾

١٦۔ پوءِ بہ اهو طمع رکي ٿو تہ مان انهيءَ کان وڌيڪ انهيءَ کي ڏيان.

كَلَّا ؕ اِنَّهٗ كَانَ لِاٰيٰتِنَا عَنِيْدًا ﴿١٧﴾

١٧۔ ہرگز نہ; اهو منهن جي آيتن جو دشمن هو.

سَاُرْهِقُهٗ صَعُوْدًا ﴿١٨﴾

١٨۔ سو مان بہ انهيءَ کي هڪ اهڙي عذاب ۾ مبتلا ڪندس جيڪو هر وقت وڌندو ويندو.

اِنَّهٗ فَكَّرَ وَقَدَّرَ ﴿١٩﴾

١٩۔ انهيءَ (منهن جن آيتن کي ٻڌو ۽ انهن تي) غور ڪيو ۽ اندازو ڪيو.

فَقُتِلَ كَيْفَ قَدَّرَ ﴿٢٠﴾

٢٠۔ ۽ اهو تباهہ ٿي وڃي،انهيءَ ڪهڙو غلط اندازو ڪيو.

ثُمَّ قُتِلَ كَيْفَ قَدَّرَ ﴿٢١﴾

٢١۔ اسين وري چئون ٿا هو تباهہ ٿي وڃي۔ انهيءَ ڪهڙو غلط انداز لڳايو.

ثُمَّ نَظَرَ ﴿٢٢﴾

٢٢۔ پوءِ انهي ٻيهر غور ڪيو.

ثُمَّ عَبَسَ وَبَسَرَ ﴿٢٣﴾

٢٣۔ پوءِ هن گهنڊ وڌو ۽ منهن بڇڙو ڪيائين.

ثُمَّ اَدْبَرَ وَاسْتَكْبَرَ ﴿٢٤﴾

٢٤۔ پوءِ پٺي ڦيريائين ۽ تڪبر کان ڪم ورتائين.

فَقَالَ اِنْ هٰذَآ اِلَّا سِحْرٌ يُّؤْثَرُ ﴿٢٥﴾

٢٥۔ ۽ چيو تہ هيءَ تہ هڪ ڪوڙ آهي جيڪو ٻين کان نقل ڪيو ويو آهي.

اِنْ هٰذَآ اِلَّا قَوْلُ الْبَشَرِ ﴿٢٦﴾

٢٦۔ هي هڪ انساني ڪلام آهي.

سَاُصْلِيْهِ سَقَرَ ﴿٢٧﴾

٢٧۔ اسان انهيءَ (شخص) کي سقر ۾ وجهنداسين.

وَمَآ اَدْرٰىكَ مَا سَقَرُ ﴿٢٨﴾

٢٨۔ ۽ توکي ڪهڙي خبر تہ سقر ڪهڙي شيءِ آهي.

لَا تُبْقِيْ وَلَا تَذَرُ ﴿٢٩﴾

٢٩۔ اهو (دوزخ) ڪجهہ باقي رهڻ نٿو ڏئي

۽ ڪوبہ عذاب جو طريقو ڇڏي نہ ٿو.

لَوَّاحَةٌ لِّلْبَشَرِ ۝٢٩

٣٠. اهو کل کي بہ جلائي ٿو ڇڏي.

عَلَيْهَا تِسْعَةَ عَشَرَ ۝٣٠

٣١. انهيءَ تي اڻويهہ داروغا مقرر آهن.

ع ١٥

وَمَا جَعَلْنَآ أَصْحٰبَ النَّارِ إِلَّا مَلٰٓئِكَةً ۙ وَّمَا جَعَلْنَا
عِدَّتَهُمْ إِلَّا فِتْنَةً لِّلَّذِيْنَ كَفَرُوْا ۙ لِيَسْتَيْقِنَ الَّذِيْنَ
أُوْتُوا الْكِتٰبَ وَيَزْدَادَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا إِيْمَانًا وَّلَا يَرْتَابَ
الَّذِيْنَ أُوْتُوا الْكِتٰبَ وَالْمُؤْمِنُوْنَ ۙ وَلِيَقُوْلَ الَّذِيْنَ
فِيْ قُلُوْبِهِمْ مَّرَضٌ وَّالْكٰفِرُوْنَ مَاذَآ أَرَادَ اللّٰهُ بِهٰذَا
مَثَلًا ۚ كَذٰلِكَ يُضِلُّ اللّٰهُ مَنْ يَّشَآءُ وَيَهْدِيْ مَنْ
يَّشَآءُ ۚ وَمَا يَعْلَمُ جُنُوْدَ رَبِّكَ إِلَّا هُوَ ۚ وَمَا هِيَ إِلَّا
ذِكْرٰى لِلْبَشَرِ ۝٣١

٣٢. ۽ دوزخ جا داروغا اسان صرف فرشتن مان مقرر ڪيا آهن ۽ انهن جي ڳڻپ صرف ڪافرن جي آزمائش جي طور تي بڌائي آهي ۽ انهيءَ جو اهو نتيجو نڪرندو جو اهل ڪتاب کي يقين اچي ويندو ۽ مومن ايمان ۾ وڌي ويندا ۽ نہ اهل ڪتاب شڪ ڪندا ۽ نہ مومن - نتيجو اهو ٿيندو جو جن جي دلين ۾ بيماري آهي، اهي ۽ ٻيا ڪافر چوندا تہ انهيءَ ڳالهہ جي چوڻ سان الله جي ڪهڙي مراد آهي - اهڙيءَ طرح الله انهيءَ کي گمراهہ ٺهرائي ٿو جنهن جي متعلق ارادو ڪري ٿو ۽ جنهن جي متعلق ارادو ڪري ٿو انهيءَ کي هدايت ڏني ڇڏيندو ۽ تنهن جي رب جي لشڪرن کي انهيءَ کانسواءِ ڪوبہ نٿو ڄاڻي - ۽ هيءَ (قرآن) انسان جي لاءِ صرف هڪ نصيحت آهي.

كَلَّا وَالْقَمَرِ ۝٣٢

٣٣. ٻڌو! اسان چنڊ کي شاهديءَ جي طور تي پيش ڪيون ٿا.

وَالَّيْلِ إِذْ أَدْبَرَ ۝٣٣

٣٤. ۽ اونداهيءَ کي جڏهين اها پٺي ورائي ٿي.

وَالصُّبْحِ إِذَآ أَسْفَرَ ۝٣٤

٣٥. ۽ صبح کي جڏهين اهو روشن ٿي وڃي ٿي.

إِنَّهَا لَإِحْدَى الْكُبَرِ ۝٣٥

٣٦. جو اها (ساعت جنهن جو ذڪر ڪيو ويو آهي) تمام وڏين وڏين شين مان هڪ آهي.

نَذِيْرًا لِّلْبَشَرِ ۝٣٦

٣٧. انسان کي ڊيڄارڻ واري آهي.

| | |
|---|---|
| لِمَنْ شَآءَ مِنْكُمْ اَنْ يَّتَقَدَّمَ اَوْ يَتَاَخَّرَ ﴿٣٧﴾ | ٣٨. انهيءَ (انسان) ڪي جيڪو چاهي ٿو تہ ڪا اهڙي نيڪي ڪري جيڪو اڳتين جهان ۾ انهيءَ جي ڪم اچي يا ڪنهن بديءَ کان جنهن جي انهيءَ کي عادت پئجي ويئي هجي پوئتي هٽي وڃي (۽ انهيءَ جي ڪرڻ کان نجات پائي). |
| كُلُّ نَفْسٍ بِمَا كَسَبَتْ رَهِيْنَةٌ ﴿٣٨﴾ | ٣٩. هرجان جيڪي ڪي ڪيو آهي اهو انهيءَ جي بدلي ۾ ڳهہ آهي. |
| اِلَّآ اَصْحٰبَ الْيَمِيْنِ ﴿٣٩﴾ | ٤٠. سواءِ ساڄي پاسي وارن ماڻهن جي. |
| فِيْ جَنّٰتٍ ۛ يَتَسَآءَلُوْنَ ﴿٤٠﴾ عَنِ الْمُجْرِمِيْنَ ﴿٤١﴾ | ٤١. ٤٢. جو اهي جنتن ۾ هوندا ۽ ڏوهارين کان سوال ڪندا. |
| مَا سَلَكَكُمْ فِيْ سَقَرَ ﴿٤٢﴾ | ٤٣. تہ توهانکي ڪهڙي شيءِ دوزخ ڏانهن وٺي ويئي؟ |
| قَالُوْا لَمْ نَكُ مِنَ الْمُصَلِّيْنَ ﴿٤٣﴾ | ٤٤. اهي جواب ڏيندا، اسان نمازون نہ پڙهندا هئاسين. |
| وَلَمْ نَكُ نُطْعِمُ الْمِسْكِيْنَ ﴿٤٤﴾ | ٤٥. ۽ اسان مسڪينن کي کاڌو نہ کارائيندا هئاسين. |
| وَكُنَّا نَخُوْضُ مَعَ الْخَآئِضِيْنَ ﴿٤٥﴾ | ٤٦. ۽ بي حڪمت ڳالهين ڪرڻ وارن سان ملي ڪري بي حڪمت ڳالهيون ڪندا هئاسين. |
| وَكُنَّا نُكَذِّبُ بِيَوْمِ الدِّيْنِ ﴿٤٦﴾ | ٤٧. ۽ اسان جزا ۽ سزا جي ڏينهن جو انڪار ڪندا هئاسين. |
| حَتّٰىٓ اَتٰىنَا الْيَقِيْنُ ﴿٤٧﴾ | ٤٨. ايستائين جو اسانتي موت اچي ويو. |
| فَمَا تَنْفَعُهُمْ شَفَاعَةُ الشّٰفِعِيْنَ ﴿٤٨﴾ | ٤٩. پوءِ اهڙن ماڻهن کي شفاعت ڪرڻ وارن جي شفاعت فائدو نہ ڏيندي. |
| فَمَا لَهُمْ عَنِ التَّذْكِرَةِ مُعْرِضِيْنَ ﴿٤٩﴾ كَاَنَّهُمْ حُمُرٌ مُّسْتَنْفِرَةٌ ﴿٥٠﴾ | ٥٠. ٥١. انهن ماڻهن کي ڇا ٿي ويو آهي جو نصيحت کان اهڙيءَ طرح منهن موڙين ٿا |

منزل ۷
عند المتقدمين

جڻ اهي ڊنل گڏهه آهن.

فَرَّتۡ مِنۡ قَسۡوَرَةٍ ﴿٥١﴾

٥٢. جيڪي شينهن کي ڏسي ڀڳا آهن.

بَلۡ يُرِيۡدُ كُلُّ امۡرِیٴٍ مِّنۡهُمۡ اَنۡ يُّؤۡتٰى صُحُفًا مُّنَشَّرَةً ﴿٥٢﴾

٥٣. حقيقت اها آهي جو انهن مان هر شخص گهري ٿو ته انهيءَ جي هٿ ۾ کليل ڪتاب ڏنو وڃي.

كَلَّا ؕ بَلۡ لَّا يَخَافُوۡنَ الۡاٰخِرَةَ ﴿٥٣﴾

٥٤. اها اميد پوري ٿيڻ واري نه آهي بلڪ حقيقت اها آهي جو اهي آخرت کان نه ٿا ڊڄن.

كَلَّاۤ اِنَّهٗ تَذۡكِرَةٌ ﴿٥٤﴾

٥٥. ٻڌو! هيءَ ڪلام هڪ نصيحت آهي.

فَمَنۡ شَآءَ ذَكَرَهٗ ﴿٥٥﴾

٥٦. پوءِ جيڪو چاهي انهيءَ مان نصيحت حاصل ڪري.

وَمَا يَذۡكُرُوۡنَ اِلَّاۤ اَنۡ يَّشَآءَ اللّٰهُ ؕ هُوَ اَهۡلُ التَّقۡوٰى وَاَهۡلُ الۡمَغۡفِرَةِ ﴿٥٦﴾

٥٧. ۽ منڪر ماڻهو الله جي ارادي کان سواءِ ڪڏهين نصيحت حاصل نه ڪندا (۽ اها ڪا دور ڳالهه به نه آهي ڇو جو) هو (الله) تقويٰ به ڏيئي ٿو ۽ بخشش به ڏئي ٿو.

سُوْرَةُ الْقِيٰمَةِ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ مَعَ الْبَسْمَلَةِ اِحْدٰى وَّاَرْبَعُوْنَ اٰيَةً وَّرُكُوْعَانِ

سورت قيامت ۔ هيءَ سورت مڪي آهي ۽ بسم الله سميت هن جون ايڪيتاليهہ آيتون ۽ ٻہ رڪوع آهن.

| | |
|---|---|
| بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ① | ١۔ (مان) الله جو نالو وٺي جيڪو بيحد ڪرم ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي (پڙهانٿو) |
| لَآ اُقْسِمُ بِيَوْمِ الْقِيٰمَةِ ﴿١﴾ | ٢۔ مان قيامت جي وقت جو قسم کڻان ٿو (يعني انهيءَ کي شاهديءَ جي طور تي پيش ڪيان ٿو) |
| وَلَآ اُقْسِمُ بِالنَّفْسِ اللَّوَّامَةِ ﴿٢﴾ | ٣۔ ۽ مان نفس لوامہ کي بہ شاهديءَ جي طور تي پيش ڪيان ٿو. |
| اَيَحْسَبُ الْاِنْسَانُ اَلَّنْ نَّجْمَعَ عِظَامَهٗ ﴿٣﴾ | ۴۔ ڇا انسان خيال ڪري ٿو تہ اسان انهيءَ جا هڏا جمع نہ ڪنداسين. |
| بَلٰى قٰدِرِيْنَ عَلٰٓى اَنْ نُّسَوِّيَ بَنَانَهٗ ﴿٤﴾ | ۵۔ نہ نہ! اسان تہ انهيءَ تي قادر آهيون جو انهيءَ جي آڱر آڱر کي وري ٺاهي ڇڏيون. |
| بَلْ يُرِيْدُ الْاِنْسَانُ لِيَفْجُرَ اَمَامَهٗ ﴿٥﴾ | ٦۔ حقيقت اها آهي جو انسان چاهي ٿو تہ اهو اڳتي بہ فسق ۽ فجور ۾ مبتلا رهي. |
| يَسْـَٔلُ اَيَّانَ يَوْمُ الْقِيٰمَةِ ﴿٦﴾ | ۷۔ هو پڇندو (رهي) ٿو تہ قيامت جو ڏينهن ڪڏهن ٿيندو؟ |
| فَاِذَا بَرِقَ الْبَصَرُ ﴿٧﴾ | ٨۔ سو جڏهن اکين جو نور هليو ويندو. |
| وَخَسَفَ الْقَمَرُ ﴿٨﴾ | ٩۔ ۽ چنڊ کي گرهڻ لڳندو. |
| وَجُمِعَ الشَّمْسُ وَالْقَمَرُ ﴿٩﴾ | ١٠۔ ۽ سج ۽ چنڊ ٻنهي کي (گرهڻ جي حالت ۾) جمع ڪيو ويندو. |
| يَقُوْلُ الْاِنْسَانُ يَوْمَئِذٍ اَيْنَ الْمَفَرُّ ﴿١٠﴾ | ١١۔ انهيءَ وقت انسان چوندو، هائي مان ڀڄي ڪيڏانهن وڃي سگهانٿو. |

| | |
|---|---|
| وَتَذَرُوْنَ الْاٰخِرَةَ ﴿٢١﴾ | ٢٢. ۽ پوءِ اچڻ واري نعمت کي نظر انداز ڪري ڇڏيو ٿا. |
| وُجُوْهٌ يَّوْمَىِٕذٍ نَّاضِرَةٌ ﴿٢٢﴾ | ٢٣. انهيءَ ڏينهن ڪي ماڻهون سرها هوندا. |
| اِلٰى رَبِّهَا نَاظِرَةٌ ﴿٢٣﴾ | ٢٤. پنهن جي خدا ڏانهن نظر وجهيو ويٺا هوندا. |
| وَوُجُوْهٌ يَّوْمَىِٕذٍۭ بَاسِرَةٌ ﴿٢٤﴾ | ٢٥. ۽ ڪي ماڻهو انهيءَ ڏينهن منهن اداس ٿيا ويٺا هوندا. |
| تَظُنُّ اَنْ يُّفْعَلَ بِهَا فَاقِرَةٌ ﴿٢٥﴾ | ٢٦. جو جو اهي خيال ڪندا تہ انهن سان اهو سلوڪ ڪيو ويندو, جنهن سان چيلهہ جا مڻڪا بہ ڀڃي پوندا. |
| كَلَّآ اِذَا بَلَغَتِ التَّرَاقِيَ ﴿٢٦﴾ | ٢٧. ٻڌو! جڏهين روح نڙيءَ تائين پهچي وڃي |
| وَقِيْلَ مَنْ ٚ رَاقٍ ﴿٢٧﴾ | ٢٨. ۽ چيو وڃي تہ اڄ ڪو آهي جيڪو ڦيٽي سان انهيءَ کي ٺيڪ ڪري ڇڏي. |
| وَّظَنَّ اَنَّهُ الْفِرَاقُ ﴿٢٨﴾ | ٢٩. ۽ هر هڪ يقين ڪري وٺي تہ هاڻي جدائي جي گهڙي اچي ويئي آهي. |
| وَالْتَفَّتِ السَّاقُ بِالسَّاقِ ﴿٢٩﴾ | ٣٠. ۽ ساهہ نڪرڻ جي گهڙي اچي وڃي. |
| اِلٰى رَبِّكَ يَوْمَىِٕذِ ۨالْمَسَاقُ ﴿٣٠﴾ | ٣١. انهيءَ ڏينهن تنهن جي رب ڏانهن ئي وڃڻو پوندو. |
| فَلَا صَدَّقَ وَلَا صَلّٰى ﴿٣١﴾ | ٣٢. پوءِ ڇا ٿيو جو اهڙي شخص نہ صدقو ڏنو نہ نماز پڙهي. |
| وَلٰكِنْ كَذَّبَ وَتَوَلّٰى ﴿٣٢﴾ | ٣٣. بلڪ (حق کي) ڪوڙو ڪندو رهيو ۽ (انهيءَ کان) پٺي ڦيرائي ڇڏيائين. |
| ثُمَّ ذَهَبَ اِلٰٓى اَهْلِهٖ يَتَمَطّٰى ﴿٣٣﴾ | ٣٤. (۽ انهيءَ ڪانپوءِ شرمندهہ ٿيڻ جي بجاءِ) پنهن جي گهر وارن ڏانهن فخر سان اڪڙ جي هليو ويو. |
| اَوْلٰى لَكَ فَاَوْلٰى ﴿٣٤﴾ | ٣٥. (اي شخص) توتي تباهي هجي. |

ثُمَّ اَوْلٰى لَكَ فَاَوْلٰى ﴿٣٥﴾

٣٦۔ اسان وري چئونٿا تہ توتي تباهي هجي.

اَيَحْسَبُ الْاِنْسَانُ اَنْ يُّتْرَكَ سُدًى ﴿٣٦﴾

٣٧۔ ڇا انسان خيال ڪري ٿو تہ انهيءَ کي بي لغام ڇڏيو ويندو.

اَلَمْ يَكُ نُطْفَةً مِّنْ مَّنِيٍّ يُّمْنٰى ﴿٣٧﴾

٣٨۔ ڇا اهو ڪنهن وقت پاڻي جو هڪ قطرو نہ هو جيڪو پنهن جي حال سارو جڳهہ ۾ وڌو ويو.

ثُمَّ كَانَ عَلَقَةً فَخَلَقَ فَسَوّٰى ﴿٣٨﴾

٣٩۔ پوءِ اهو هڪ چمبڙي پوڻ وارو دڳ بڻجي ويو ۔ پوءِ انهيءَ (خدا) انهيءَ کي ٻيءَ شڪل ۾ بنائي ڇڏيو ۽ آخر انهيءَ کي مڪمل ڪري ڇڏيو.

فَجَعَلَ مِنْهُ الزَّوْجَيْنِ الذَّكَرَ وَالْاُنْثٰى ﴿٣٩﴾

٤٠۔ ۽ انهيءَ کي جوڙو ڪري ٺاهيو يعني نر ۽ ماديءَ جي شڪل ۾

اَلَيْسَ ذٰلِكَ بِقٰدِرٍ عَلٰٓى اَنْ يُّحْيِۦَ الْمَوْتٰى ﴿٤٠﴾ ع

٤١۔ ڇا هيءَ (خدا) انهيءَ ڳالهہ تي قادر ڪونهي جو مئلن کي وري جيئرو ڪري ڇڏي.

## سُوْرَةُ الدَّهْرِ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ مَعَ الْبَسْمَلَةِ اثْنَتَانِ وَّثَلٰثُوْنَ اٰيَةً وَّرُكُوْعَانِ

**سورت دهر - هيءَ سورت مکي آهي ۽ بسم الله سميت ھن جون ٻٽيھہ آيتون ۽ ٻہ رڪوع آهن.**

---

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ①

**١- (مان) الله جو نالو وٺي جيڪو بيحد ڪرم ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي (پڙهانٿو)**

هَلْ اَتٰى عَلَى الْاِنْسَانِ حِيْنٌ مِّنَ الدَّهْرِ لَمْ يَكُنْ شَيْـًٔا مَّذْكُوْرًا ②

**٢- جا انسان تي اها گهڙي نہ آئي جڏهن هو بلڪل ٻي حقيقت هو ۽ سندس ڪمن کي ڪوبہ ياد نہ ڪندو هو.**

اِنَّا خَلَقْنَا الْاِنْسَانَ مِنْ نُّطْفَةٍ اَمْشَاجٍ ۖ نَّبْتَلِيْهِ فَجَعَلْنٰهُ سَمِيْعًا بَصِيْرًا ③

**٣- اسان انسان کي هڪ اهڙي نطفي مان پيدا ڪيو آهي جنهن ۾ مختلف طاقتون مليل هيون انهيءَ لاءِ تہ اسان سندس آزمائش ڪيون - وري اسان کيس ٻڌڻ وارو (۽) ڏسڻ وارو بڻايو.**

اِنَّا هَدَيْنٰهُ السَّبِيْلَ اِمَّا شَاكِرًا وَّاِمَّا كَفُوْرًا ④

**٤- اسان کيس حال مطابق رستو ڄاڻايو يعني خواهہ هو شڪر ڪري يا نافرمان ٿي وڃي.**

اِنَّآ اَعْتَدْنَا لِلْكٰفِرِيْنَ سَلٰسِلَا۟ وَاَغْلٰلًا وَّسَعِيْرًا ⑤

**٥- اسان ڪافرن لاءِ زنجيرون ۽ ڳٽ ۽ جهنم تيار ڪري رکيا آهن.**

اِنَّ الْاَبْرَارَ يَشْرَبُوْنَ مِنْ كَاْسٍ كَانَ مِزَاجُهَا كَافُوْرًا ۚ ⑥

**٦- خدا جا نيڪ ٻانها اهڙا پيالا پيئندا جن ۾ ڪافور جي خاصيت ملائي وئي هوندي.**

عَيْنًا يَّشْرَبُ بِهَا عِبَادُ اللّٰهِ يُفَجِّرُوْنَهَا تَفْجِيْرًا ⑦

**٧- هيءَ (ڪافور) هڪ چشمو هوندو جنهن مان الله جا ٻانها پيئندا - اهي ڪوشش ڪري انهيءَ (چشمي) کي زمين ڦاڙي ڪڍن ٿا.**

يُوْفُوْنَ بِالنَّذْرِ وَيَخَافُوْنَ يَوْمًا كَانَ شَرُّهٗ مُسْتَطِيْرًا ⑧

**٨- اهي پنهنجا نذر ادا ڪن ٿا ۽ انهيءَ ڏينهن کان ڊڄن ٿا جنهن ڏينهن برائي سڄي دنيا ۾ پکڙيل هوندي.**

وَيُطْعِمُوْنَ الطَّعَامَ عَلٰى حُبِّهٖ مِسْكِيْنًا وَّيَتِيْمًا وَّاَسِيْرًا ⑨

۹- ۽ انهيءَ (خدا) جي محبت ۾ مسڪين ۽ يتيم ۽ قيديءَ کي کاڌو کارائين ٿا.

اِنَّمَا نُطْعِمُكُمْ لِوَجْهِ اللّٰهِ لَا نُرِيْدُ مِنْكُمْ جَزَآءً وَّلَا شُكُوْرًا ⑩

۱۰- ۽ چوندا رهن ٿا ته اي انسانو! اسان توهان کي صرف الله جي رضا جي لاءِ کاڌو کارايون ٿا نه اسان توهان کان جزا طلب ڪيون ٿا نه توهانجي مهرباني گهرون ٿا.

اِنَّا نَخَافُ مِنْ رَّبِّنَا يَوْمًا عَبُوْسًا قَمْطَرِيْرًا ⑪

۱۱- اسان پنهن جي رب کان انهيءَ ڏينهن جو خوف رکون ٿا جڏهين ماڻهن جو ڏپ جي وڳهي منهن بڪرّيل هوندو ۽ اداسي ڇانيل هوندي.

فَوَقٰىهُمُ اللّٰهُ شَرَّ ذٰلِكَ الْيَوْمِ وَلَقّٰىهُمْ نَضْرَةً وَّسُرُوْرًا ⑫

۱۲- سو الله انهن کي انهيءَ ڏينهن جي تڪليف کان بچائيندو ۽ انهن کي تازگي ۽ خوشي بخشيندو.

وَجَزٰىهُمْ بِمَا صَبَرُوْا جَنَّةً وَّحَرِيْرًا ⑬

۱۳- ۽ انهن کي نيڪين تي قائم رهڻ جي سببان انهن کي (رهڻ جي لاءِ) باغ ۽ (پائڻ جي لاءِ) ريشم عطا ڪندو.

مُّتَّكِـِٕيْنَ فِيْهَا عَلَى الْاَرَآئِكِ لَا يَرَوْنَ فِيْهَا شَمْسًا وَّلَا زَمْهَرِيْرًا ⑭

۱۴- اهي انهيءَ باغ ۾ پلنگن تي وهاڻا لڳايو ويٺا هوندا - نه ته انهيءَ باغ ۾ سخت گرمي ڏسندا ۽ نه سخت سردي.

وَدَانِيَةً عَلَيْهِمْ ظِلٰلُهَا وَذُلِّلَتْ قُطُوْفُهَا تَذْلِيْلًا ⑮

۱۵- ۽ انهيءَ باغ جون ڇانئون انهن تي جهڪيل هونديون ۽ انهيءَ جو ميوو انهن کي ويجهو ڪري ڏنو ويندو.

وَيُطَافُ عَلَيْهِمْ بِاٰنِيَةٍ مِّنْ فِضَّةٍ وَّاَكْوَابٍ كَانَتْ قَوَارِيْرَا۠ ⑯

۱۶- ۽ چانديءَ جا ٿانو ۽ آبخوارا ۽ اهڙيون صراحيون ڪٽي جيڪي شيشي جون هونديون انهن وٽ بار بار ايندا.

قرء حفص لفظ الالف الاول وصلا ووقفا
على ارادة بالالف ثاني لفظ دون الالف

قَوَارِيْرَا۠ مِنْ فِضَّةٍ قَدَّرُوْهَا تَقْدِيْرًا ⑰

۱۷- اهي ظاهر ۾ شيشي جا نظر اچڻ وارا برتن اصل ۾ چانديءَ جا هوندا جن کي خدا جا فرشتا پنهن جي ڪامل ڪاريگريءَ سان بنائيندا (ايتري قدر جو اهي شيشي وانگر

جمڪڻ لڳندا)

وَيُسْقَوْنَ فِيهَا كَأْسًا كَانَ مِزَاجُهَا زَنْجَبِيلًا ﴿١٨﴾

١٨. ۽ مومنن کي انهن جنتن ۾ اهڙن گلاسن سان پاڻي پياريو ويندو جنهن ۾ سنڊ مليل هوندي.

عَيْنًا فِيهَا تُسَمَّىٰ سَلْسَبِيلًا ﴿١٩﴾

١٩. (۽) انهيءَ (جنت) ۾ سبيل نالي بہ هڪ چشمو هوندو (جنهن مان مومن پيئندا).

وَيَطُوفُ عَلَيْهِمْ وِلْدَانٌ مُّخَلَّدُونَ إِذَا رَأَيْتَهُمْ حَسِبْتَهُمْ لُؤْلُؤًا مَّنثُورًا ﴿٢٠﴾

٢٠. ۽ انهن وٽ خدمت ڪرڻ وارا نوجوان بار بار حاضر ٿيندا رهندا. جڏهين تون انهن خادمن کي ڏسندين تہ انهن جي نسبت گمان ڪندين تہ اهي پکڙيل موتي آهن.

وَإِذَا رَأَيْتَ ثَمَّ رَأَيْتَ نَعِيمًا وَمُلْكًا كَبِيرًا ﴿٢١﴾

٢١. ۽ جڏهين تون انهن کي ڏسندين تہ انهن جي جاءِ تي هڪ تمام وڏي نعمت ۽ وڏي بادشاهت نظر ايندي.

عَالِيَهُمْ ثِيَابُ سُندُسٍ خُضْرٌ وَإِسْتَبْرَقٌ وَحُلُّوا أَسَاوِرَ مِن فِضَّةٍ وَسَقَاهُمْ رَبُّهُمْ شَرَابًا طَهُورًا ﴿٢٢﴾

٢٢. انهن کي سنهي سبز پٽ جا ڪپڙا پهريل هوندا ۽ اهڙيءَ طرح ٿلهي پٽ جا ۽ انهن کي چانديءَ جا ڪڙا پارايا ويندا ۽ انهن جو رب انهن کي پاڪ ڪرڻ وارو شراب پياريندو.

إِنَّ هَٰذَا كَانَ لَكُمْ جَزَاءً وَكَانَ سَعْيُكُم مَّشْكُورًا ﴿٢٣﴾

٢٣. (۽ چيو ويندو تہ اي جنتيو!) اهو بدلو توهانجي لاءِ مقرر آهي ۽ توهانجي ڪوشش کي قدر جي نگاهہ سان ڏٺو ويو آهي.

إِنَّا نَحْنُ نَزَّلْنَا عَلَيْكَ الْقُرْآنَ تَنزِيلًا ﴿٢٤﴾

٢٤. اسان توتي قرآن ٿورو ٿورو ڪري لاٿو آهي.

فَاصْبِرْ لِحُكْمِ رَبِّكَ وَلَا تُطِعْ مِنْهُمْ آثِمًا أَوْ كَفُورًا ﴿٢٥﴾

٢٥. پوءِ پنهن جي رب جي حڪم تي قائم رهہ ۽ انسانن مان گنهگار ۽ ناشڪر گذارن جي فرمانبرداري نہ ڪر.

وَاذْكُرِ اسْمَ رَبِّكَ بُكْرَةً وَأَصِيلًا ﴿٢٦﴾

٢٦. ۽ پنهن جي رب جو صبح ۽ شام ذڪر ڪندو ڪر.

وَمِنَ اللَّيْلِ فَاسْجُدْ لَهُ وَسَبِّحْهُ لَيْلًا طَوِيلًا ﴿٢٧﴾

٢٧. ۽ رات جي وقت بہ انهيءَ جي اڳيان سجدو ڪندو ڪر ۽ رات جو دير تائين انهيءَ

جي تسبيح ڪندو ڪر.

اِنَّ هٰٓؤُلَآءِ يُحِبُّوْنَ الْعَاجِلَةَ وَيَذَرُوْنَ وَرَآءَهُمْ يَوْمًا ثَقِيْلًا ﴿٢٨﴾

٢٨. اهي ماڻهو دنيا جو انعام پسند ڪن ٿا ۽ پنهن جي پويان هڪ ڏاڍي سخت ڏينهن کي ڇڏي وڃن ٿا.

نَحْنُ خَلَقْنٰهُمْ وَشَدَدْنَآ اَسْرَهُمْ ۚ وَاِذَا شِئْنَا بَدَّلْنَآ اَمْثَالَهُمْ تَبْدِيْلًا ﴿٢٩﴾

٢٩. اسان ئي انهن کي پيدا ڪيو آهي ۽ انهن جا جوڙ مضبوط بنايا آهن ۽ جڏهين اسان گهرنداسين انهن جهڙي ئي مخلوق پيدا ڪري انهن جي جڳهه تي ڪٺي بيهارينداسين.

اِنَّ هٰذِهٖ تَذْكِرَةٌ ۚ فَمَنْ شَآءَ اتَّخَذَ اِلٰى رَبِّهٖ سَبِيْلًا ﴿٣٠﴾

٣٠. هيءَ هڪ نصيحت آهي پوءِ جيڪو گهري پنهن جي رب ڏانهن سڄاڻپ وارو رستو اختيار ڪري.

وَمَا تَشَآءُوْنَ اِلَّآ اَنْ يَّشَآءَ اللّٰهُ ۭ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ عَلِيْمًا حَكِيْمًا ﴿٣١﴾

٣١. ۽ توهان خدا جي مرضيءَ بنان اٿين نٿا گهري سگهو ڇو جو الله ڏاڍو علم وارو (۽) وڏيءَ حڪمت وارو آهي.

يُّدْخِلُ مَنْ يَّشَآءُ فِيْ رَحْمَتِهٖ ۭ وَالظّٰلِمِيْنَ اَعَدَّ لَهُمْ عَذَابًا اَلِيْمًا ﴿٣٢﴾

٣٢. اهو جنهن کي پسند ڪري ونيٿو پنهن جي رحمت ۾ داخل ڪري ڇڏي ٿو ۽ ظالمن جي لاءِ تہ هن دردناڪ عذاب مقرر ڪري ئي ڇڏيو آهي.

## سُوْرَةُ الْمُرْسَلٰتِ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ مَعَ الْبَسْمَلَةِ اِحْدٰى وَّخَمْسُوْنَ اٰيَةً وَّ رُكُوْعَانِ

**سورت مرسلات ـ هيءَ سورت مڪي آهي ۽ بسم الله سميت هن جون ايڪونجاهه آيتون ۽ ٻه رڪوع آهن.**

---

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ﴿١﴾

١ـ (مان) الله جو نالو وٺي جيڪو بيحد ڪرم ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي (پڙهانٿو)

وَالْمُرْسَلٰتِ عُرْفًا ﴿٢﴾

٢ـ مان شاهديءَ طور انهن هستين کي پيش ڪيان ٿو جيڪي پهرين آهستي هلايون وينديون آهن.

فَالْعٰصِفٰتِ عَصْفًا ﴿٣﴾

٣ـ پوءِ اهي تکيون هلڻ لڳنديون آهن.

وَّالنّٰشِرٰتِ نَشْرًا ﴿٤﴾

٤ـ ۽ مان دنيا ۾ پکيڙڻ وارين هستين کي به شاهديءَ طور پيش ڪيانٿو.

فَالْفٰرِقٰتِ فَرْقًا ﴿٥﴾

٥ـ ۽ حق ۽ باطل ۾ فرق ڪرڻ وارين هستين کي.

فَالْمُلْقِيٰتِ ذِكْرًا ﴿٦﴾

٦ـ ۽ خدا جي ڪلام پڄائڻ وارين هستين کي

عُذْرًا اَوْ نُذْرًا ﴿٧﴾

٧ـ انهيءَ مقصد سان به ته ماڻهن تي حجت پوري ٿي وڃي ـ ۽ انهيءَ مقصد سان به ته ماڻهن کي هوشيار ڪيو وڃي.

اِنَّمَا تُوْعَدُوْنَ لَوَاقِعٌ ﴿٨﴾

٨ـ توهان سان جنهن ڳالهه جو واعدو ڪيو وڃي ٿو اها پوري ٿي رهندي.

فَاِذَا النُّجُوْمُ طُمِسَتْ ﴿٩﴾

٩ـ ۽ جڏهين تارا بي نور ٿي ويندا.

وَاِذَا السَّمَآءُ فُرِجَتْ ﴿١٠﴾

١٠ـ ۽ آسمان ڦاڙيو ويندو.

وَاِذَا الْجِبَالُ نُسِفَتْ ﴿١١﴾

١١ـ ۽ جڏهين جبل اڏايا ويندا.

وَاِذَا الرُّسُلُ اُقِّتَتْ ﴿١٢﴾

١٢ـ ۽ جڏهين سڀ رسول پنهن جي مقرر ٿيل وقت تي آندا ويندا.

لِاَيِّ يَوْمٍ اُجِّلَتْ ﴿١٣﴾

١٣ـ (۽ ماڻهن کي چيو ويندو ته) هيءَ

أَلَمْ نَجْعَلِ الْأَرْضَ كِفَاتًا ﴿٢٥﴾
أَحْيَاءً وَأَمْوَاتًا ﴿٢٦﴾

٢٦-٢٧. ڇا اسان زمين کي جيئرن ۽ مئلن کي
گڏ ڪرڻ وارو. نہ بنايو؟

وَجَعَلْنَا فِيهَا رَوَاسِيَ شَامِخَاتٍ وَأَسْقَيْنَاكُم مَّاءً فُرَاتًا ﴿٢٧﴾

٢٨. ۽ اسان انهيءَ ۾ اوچا جبل بنايا آهن ۽
انهيءَ جي نتيجي ۾ توهان کي مٺو پاڻي
پياريو آهي.

وَيْلٌ يَوْمَئِذٍ لِّلْمُكَذِّبِينَ ﴿٢٨﴾

٢٩. انهيءَ ڏينهن ڪوڙو ڪرڻ وارن تي
تباهي ايندي (انهيءَ ۾ ڪوبہ شڪ نہ
آهي)

انطَلِقُوا إِلَىٰ مَا كُنتُم بِهِ تُكَذِّبُونَ ﴿٢٩﴾

٣٠. (اسان انهن کي چونداسين تہ) جنهن
شيءِ کي توهان ڪوڙو ڪيو انهيءَ ڏانهن
وڃو.

انطَلِقُوا إِلَىٰ ظِلٍّ ذِي ثَلَاثِ شُعَبٍ ﴿٣٠﴾

٣١. يعني انهيءَ پاڇي ڏانهن وڃو. جنهن جا
ٽي حصا آهن.

لَّا ظَلِيلٍ وَلَا يُغْنِي مِنَ اللَّهَبِ ﴿٣١﴾

٣٢. نہ تہ اهو ڇانئو ڏني ٿو ۽ نہ گرميءَ
کان پچائي ٿو.

إِنَّهَا تَرْمِي بِشَرَرٍ كَالْقَصْرِ ﴿٣٢﴾

٣٣. بلڪ اهو ايترا وڏا الا اڇلي ٿو جيڪي
قلعي جي برابر هوندا آهن.

كَأَنَّهُ جِمَالَتٌ صُفْرٌ ﴿٣٣﴾

٣٤. ايترا وڏا جو ڄڻ وڏن جهازن کي ٻڌڻ وارا
هيڊا رسا معلوم ٿين ٿا.

وَيْلٌ يَوْمَئِذٍ لِّلْمُكَذِّبِينَ ﴿٣٤﴾

٣٥. انهيءَ ڏينهن ڪوڙو ڪرڻ وارن تي
تباهي ايندي (انهيءَ ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي)

هَٰذَا يَوْمُ لَا يَنطِقُونَ ﴿٣٥﴾

٣٦. اهو اهڙو ڏينهن هوندو (جنهن ڏينهن
ڏوهاري پنهنجي مرضيءَ سان) ڳالهائي نہ
سگهندا.

وَلَا يُؤْذَنُ لَهُمْ فَيَعْتَذِرُونَ ﴿٣٦﴾

٣٧. ۽ انهن کي (خدا جي طرفان بہ ڳالهائڻ
جي) اجازت نہ ڏني ويندي جو اهي ڪوبہ
بهانو بنائي سگهن.

وَيْلٌ يَوْمَئِذٍ لِّلْمُكَذِّبِينَ ﴿٣٧﴾

٣٨. انهيءَ ڏينهن ڪوڙو ڪرڻ وارن تي
تباهي ايندي (انهيءَ ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي)

هَٰذَا يَوْمُ الْفَصْلِ جَمَعْنَاكُمْ وَالْأَوَّلِينَ ﴿٣٨﴾

٣٩. اهو فيصلي جو ڏينهن هوندو جنهن ۾
اسان توهان کي بہ ۽ پهرين قومن کي بہ

جمع ڪنداسين.

فَاِنْ كَانَ لَكُمْ كَيْدٌ فَكِيْدُوْنِ ﴿٤٠﴾

٤٠. پوءِ جيڪڏهين توهان وٽ ڪا تدبير آهي تہ انهيءَ تدبير ڪي منهن جي خلاف هلايو.

وَيْلٌ يَّوْمَئِذٍ لِّلْمُكَذِّبِيْنَ ﴿٤١﴾

٤١. انهيءَ ڏينهن ڪوڙو ڪرڻ وارن تي تباهي ايندي (انهيءَ ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي)

اِنَّ الْمُتَّقِيْنَ فِيْ ظِلٰلٍ وَّعُيُوْنٍ ﴿٤٢﴾

٤٢. انهيءَ ڏينهن متقي يقيناً ڇانئن ۽ چشمن وارين جڳهن ۾ هوندا.

وَّفَوَاكِهَ مِمَّا يَشْتَهُوْنَ ﴿٤٣﴾

٤٣. ۽ پنهنجن پسنديده ميون ۾ (گهريل) هوندا (جيڪي انهن جي مرضيءَ مطابق انهن کي ملندا)

كُلُوْا وَاشْرَبُوْا هَنِيْٓـئًا بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿٤٤﴾

٤٤. ۽ انهنکي چيو ويندو تہ ميوا کائو ۽ سٺو پاڻي پيئو، اها توهانجن عملن جي جزا هوندي.

اِنَّا كَذٰلِكَ نَجْزِى الْمُحْسِنِيْنَ ﴿٤٥﴾

٤٥. اسان محسنن کي اهڙيءَ طرح بدلو ڏيندا آهيون.

وَيْلٌ يَّوْمَئِذٍ لِّلْمُكَذِّبِيْنَ ﴿٤٦﴾

٤٦. انهيءَ ڏينهن ڪوڙو ڪرڻ وارن تي تباهي ايندي (انهيءَ ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي)

كُلُوْا وَتَمَتَّعُوْا قَلِيْلًا اِنَّكُمْ مُّجْرِمُوْنَ ﴿٤٧﴾

٤٧. (اسان انهن کي چئون ٿا تہ) کائو ۽ هن دنيا جو ٿورو فائدو حاصل ڪري وٺو توهان ڏوهاري آهيو.

وَيْلٌ يَّوْمَئِذٍ لِّلْمُكَذِّبِيْنَ ﴿٤٨﴾

٤٨. انهيءَ ڏينهن ڪوڙو ڪرڻ وارن تي تباهي ايندي (انهيءَ ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي)

وَاِذَا قِيْلَ لَهُمُ ارْكَعُوْا لَا يَرْكَعُوْنَ ﴿٤٩﴾

٤٩. انهن ماڻهن تي جنڪي جڏهين چيو وڃي ٿو تہ توحيد تي قائم ٿي وڃو، تہ اهي توحيد تي قائم نٿا ٿين (بلڪ شرڪ جي طرف موٽي وڃن ٿا)

وَيْلٌ يَّوْمَئِذٍ لِّلْمُكَذِّبِيْنَ ﴿٥٠﴾

٥٠. انهيءَ ڏينهن ڪوڙو ڪرڻ وارن تي تباهي ايندي (انهيءَ ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي)

فَبِاَيِّ حَدِيْثٍۢ بَعْدَهٗ يُؤْمِنُوْنَ ﴿٥١﴾

٥١. سو اهي بڌائين تہ سهي تہ هن (قرآن) کانپوءِ اهي ڪهڙي ڪتاب تي ايمان آڻيندا.

سُوْرَةُ النَّبَاِ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ مَعَ الْبَسْمَلَةِ اِحْدٰى وَّ اَرْبَعُوْنَ اٰيَةً وَّ رُكُوْعَانِ

سورت نبا - هيءَ سورت مڪي آهي ۽ بسم الله سميت هن جون ايڪيتاليهه آيتون ۽ ٻه رڪوع آهن.

| | |
|---|---|
| بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ① | ١- (مان) الله جو نالو وٺي جيڪو بيحد ڪرم ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي (پڙهانٿو) |
| عَمَّ يَتَسَآءَلُوْنَ ② | ٢- اهي (ماڻهو ) ڪهڙي (شيءِ) جي باري ۾ هڪ ٻئي کان (تعجب سان) سوال ڪري رهيا آهن. |
| عَنِ النَّبَاِ الْعَظِيْمِ ③ | ٣- ڇا انهي (مٿي ذڪر ڪيل يوم الفصل واري) عظيم (الشان) خبر جي باري ۾ |
| الَّذِيْ هُمْ فِيْهِ مُخْتَلِفُوْنَ ④ | ٤- جنهن جي باري ۾ اهي ماڻهو (قرآن جي ٻڌايل حقيقت سان) اختلاف رکن ٿا. |
| كَلَّا سَيَعْلَمُوْنَ ⑤ | ٥- چڱيءَ طرح ياد رکن ته اصل حقيقت انهن جي عقيدن جي خلاف آهي ۽ هڪ ڏينهن اهي انهيءَ کي معلوم ڪري وٺندا. |
| ثُمَّ كَلَّا سَيَعْلَمُوْنَ ⑥ | ٦- وري اسان چئون ٿا ته ڳالهه انهن جي عقيدن جي خلاف آهي ۽ اهي ماڻهو انهيءَ پيشگوئي کي جيڪا هن سورت ۾ بيان ڪئي وئي آهي ضرور سمجهي وٺندا. |
| اَلَمْ نَجْعَلِ الْاَرْضَ مِهٰدًا ⑦ | ٧- (سوچين ته سهي ته) ڇا اسان زمين کي وڇائو نه بنايو آهي. |
| وَّالْجِبَالَ اَوْتَادًا ⑧ | ٨- ۽ جبلن کي ڪلين وانگر نوڪي نه بيهاريو آهي. |
| وَّخَلَقْنٰكُمْ اَزْوَاجًا ⑨ | ٩- ۽ (اهو به ياد رکو ته) اسان توهان (سڀني ماڻهن) کي جوڙو (جوڙو) ناهيو آهي. |

وَّجَعَلْنَا نَوْمَكُمْ سُبَاتًا ﴿١٠﴾

١٠. ۽ اسان توهانجي ننڊ کي راحت جو سبب بڻايو آهي.

وَّجَعَلْنَا الَّيْلَ لِبَاسًا ﴿١١﴾

١١. ۽ اسان رات کي ڍڪ بڻايو آهي.

وَّجَعَلْنَا النَّهَارَ مَعَاشًا ﴿١٢﴾

١٢. اسان ڏينهن کي زندگيءَ (جي اظهار) جو موقعو بڻايو آهي.

وَّبَنَيْنَا فَوْقَكُمْ سَبْعًا شِدَادًا ﴿١٣﴾

١٣. ۽ اسان توهانجي مٿان ست (بلند ۽) مضبوط (آسمان) بڻايا آهن.

وَّجَعَلْنَا سِرَاجًا وَّهَّاجًا ﴿١٤﴾

١٤. ۽ اسان هڪ چمڪندڙ سج (به) بڻايو آهي.

وَّاَنْزَلْنَا مِنَ الْمُعْصِرٰتِ مَآءً ثَجَّاجًا ﴿١٥﴾

١٥. ۽ اسان گهاٽن ڪڪرن مان ڪثرت سان وسڻ وارو پاڻي (به) لاٿو آهي.

لِّنُخْرِجَ بِهٖ حَبًّا وَّنَبَاتًا ﴿١٦﴾

١٦. انهيءَ لاءِ ته انهيءَ جي ذريعي اسان ان ۽ ٻاجيون ڄمايون

وَّجَنّٰتٍ اَلْفَافًا ﴿١٧﴾

١٧. ۽ گهاٽا باغ (پيدا ڪيون)

اِنَّ يَوْمَ الْفَصْلِ كَانَ مِيْقَاتًا ﴿١٨﴾

١٨. يقينن اهو فيصلي جو ڏينهن هڪ مقرر وقت (تي اچڻ وارو) آهي.

يَّوْمَ يُنْفَخُ فِي الصُّوْرِ فَتَاْتُوْنَ اَفْوَاجًا ﴿١٩﴾

١٩. جنهن ڏينهن بگل ۾ ڦوڪيو ويندو - پوءِ توهان ٽولا ٽولا ٿي (اسانجي حضور ۾) ايندؤ.

وَّفُتِحَتِ السَّمَآءُ فَكَانَتْ اَبْوَابًا ﴿٢٠﴾

٢٠. ۽ آسمان کوليو ويندو ايتري قدر جو اهو دروازا (دروازا) ٿي ويندو.

وَّسُيِّرَتِ الْجِبَالُ فَكَانَتْ سَرَابًا ﴿٢١﴾

٢١. جبل (پنهن جي جڳهه تان) هلايا ويندا (ايتري قدر جو اهي رڃ (وانگر) ٿي ويندا.

اِنَّ جَهَنَّمَ كَانَتْ مِرْصَادًا ﴿٢٢﴾

٢٢. يقينن جهنم (انهن ماڻهن جي) تاڙ ۾ (لڳل) آهي.

لِّلطّٰغِيْنَ مَاٰبًا ﴿٢٣﴾

٢٣. (۽) اها سرڪشن جي رهڻ جي جاءِ آهي.

لّٰبِثِيْنَ فِيْهَآ اَحْقَابًا ﴿٢٤﴾

٢٤. اهي انهيءَ ۾ ورهن جا ورهه رهندا ايندا.

لَا يَذُوْقُوْنَ فِيْهَا بَرْدًا وَّلَا شَرَابًا ﴿٢٥﴾

٢٥۔ (اتي انهن مائهن جي اها حالت هوندي) جو نہ تہ اهي انهيءَ ۾ ڪنهن قسم جي ٿڌاڻ (محسوس ڪندا) ۽ نہ ڪا پيئڻ جي شيءِ انهن کي ملندي (جيڪا اڃ لاهي سگهي)

اِلَّا حَمِيْمًا وَّغَسَّاقًا ﴿٢٦﴾

٢٦۔ ها پر الله انهن کي (تيز) گرم پاڻي ۽ (برداشت کان ٻاهر) ٿڌو پاڻي ڏيندو.

جَزَآءً وِّفَاقًا ﴿٢٧﴾

٢٧۔ (اهڙيءَ طرح انهن کي انهن جي عملن جي) مطابق بدلو (ڏنو ويندو).

اِنَّهُمْ كَانُوْا لَا يَرْجُوْنَ حِسَابًا ﴿٢٨﴾

٢٨۔ اهي يقينن (ڪنهن) حساب جو ڊپ (پنهن جي دلين ۾) نہ رکندا هئا.

وَّكَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا كِذَّابًا ﴿٢٩﴾

٢٩۔ ۽ اسانجن نشانن کي سختيءَ سان ڪوڙو ڪندا هئا.

وَكُلَّ شَيْءٍ اَحْصَيْنٰهُ كِتٰبًا ﴿٣٠﴾

٣٠۔ ۽ اسان (تہ) هر هڪ شيءِ کي پوريءَ طرح ڳڻي رکيو آهي.

فَذُوْقُوْا فَلَنْ نَّزِيْدَكُمْ اِلَّا عَذَابًا ﴿٣١﴾

٣١۔ پوءِ (پنهن جن عملن مطابق) عذاب چکو ۽ اسان توهانکي (عذاب کانپوءِ) عذاب ئي ڏيندا رهنداسين.

اِنَّ لِلْمُتَّقِيْنَ مَفَازًا ﴿٣٢﴾

٣٢۔ يقينن متقين جي لاءِ ڪاميابي (مقدر) آهي.

حَدَآئِقَ وَاَعْنَابًا ﴿٣٣﴾

٣٣۔ (يعني) باغ ۽ انگور

وَّكَوَاعِبَ اَتْرَابًا ﴿٣٤﴾

٣٤۔ ۽ هم عمر نوجوان عورتون.

وَّكَاْسًا دِهَاقًا ﴿٣٥﴾

٣٥۔ ۽ ڇلڪندڙ پيالا

لَا يَسْمَعُوْنَ فِيْهَا لَغْوًا وَّلَا كِذّٰبًا ﴿٣٦﴾

٣٦۔ نہ تہ اهي انهن (جنتن) ۾ بيهوديون ڳالهيون ٻڌندا ۽ نہ (انهن جي ڳالهين کي) ڪڏهين ڪو ڪوڙو ڪندو.

جَزَآءً مِّنْ رَّبِّكَ عَطَآءً حِسَابًا ﴿٣٧﴾

٣٧۔ انهن کي تنهن جي رب جي طرفان اهڙو بدلو ڏنو ويندو جيڪو حال سارو انعام هوندو.

رَّبِّ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَمَا بَيْنَهُمَا الرَّحْمٰنِ لَا يَمْلِكُوْنَ مِنْهُ خِطَابًا ۝٣٧

٣٨. (تنهن جي انهيءَ رب جي طرفان جيڪو) آسمانن ۽ زمين ۽ انهن ٻنهي جي وچ جيڪي ڪي آهي انهن سڀني جو رب آهي (۽) بيحد ڪرم ڪرڻ وارو آهي. اهي انهيءَ جي حضور ۾ (سواءِ اجازت جي) ڳالهہ ڪرڻ جي طاقت نہ رکندا.

يَوْمَ يَقُوْمُ الرُّوْحُ وَالْمَلٰٓئِكَةُ صَفًّا ۚ لَّا يَتَكَلَّمُوْنَ اِلَّا مَنْ اَذِنَ لَهُ الرَّحْمٰنُ وَقَالَ صَوَابًا ۝٣٨

٣٩. (اهو انهيءَ ڏينهن ٿيندو) جنهن ڏينهن ڪامل روح ۽ فرشتا صف ٻڌيو بيٺا هوندا (۽) اهي ڳالهہ نہ ڪري سگهندا سواءِ انهيءَ جي جنهن کي رحمان (خدا) اجازت ڏني هوندي ۽ (اهڙو شخص صرف مناسب موقعو ۽) صحيح صحيح ڳالهہ چوندو.

ذٰلِكَ الْيَوْمُ الْحَقُّ ۚ فَمَنْ شَآءَ اتَّخَذَ اِلٰى رَبِّهٖ مَاٰبًا ۝٣٩

٤٠. اهو ڏينهن ضرور اچڻو آهي پوءِ (توهان مان) جيڪو (شخص) گهري پنهن جي رب وٽ (پنهن جو) ٺڪاڻو بنائي وٺي.

اِنَّآ اَنْذَرْنٰكُمْ عَذَابًا قَرِيْبًا ۚ ۖ يَّوْمَ يَنْظُرُ الْمَرْءُ مَا قَدَّمَتْ يَدٰهُ وَيَقُوْلُ الْكٰفِرُ يٰلَيْتَنِيْ كُنْتُ تُرٰبًا ۝٤٠ ۧ

٤١. اسان توهان کي هڪ ويجهي (زماني ۾ اچڻ واري) عذاب کان چڱيءَ طرح هوشيار ڪري ڇڏيو آهي. جنهن ڏينهن انسان انهيءَ شيءِ کي ڏسي وٺندو جيڪا انهيءَ جي هٿن اڳتي موڪلي آهي ۽ ڪافر (انهيءَ ڏينهن) چوندو اي ڪاش! مان مٽي هجان ها.

سُوْرَةُ النّٰزِعٰتِ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ مَعَ الْبَسْمَلَةِ سَبْعٌ وَّ اَرْبَعُوْنَ اٰيَةً وَّ رُكُوْعَانِ

سورت نازعات ـ هيءَ سورت مڪي آهي ۽ بسم الله سميت هن جون ستيتاليهہ آيتون ۽ ٻہ رڪوع آهن.

| | |
|---|---|
| بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ① | ١ـ (مان) الله جو نالو وٺي جيڪو بيحد ڪرم ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي (پڙهانشو) |
| وَالنّٰزِعٰتِ غَرْقًا ② | ٢ـ مان انهن هستين کي شهادت طور پيش ڪريان ٿو جيڪي پوري ڏيان سان ديني علمن کي ڇڪين ٿيون. |
| وَّ النّٰشِطٰتِ نَشْطًا ③ | ٣ـ ۽ انهن (هستين) کي جيڪي تمام چڱيءَ طرح ڳنڍ ٻڌن ٿيون. |
| وَّ السّٰبِحٰتِ سَبْحًا ④ | ۴ـ ۽ انهن (هستين) کي جيڪي ٻري ٻري نڪري وڃن ٿيون. |
| فَالسّٰبِقٰتِ سَبْقًا ⑤ | ۵ـ پوءِ (مقابلو ڪري پنهن جي مقابلي واري کان) گهڻو اڳتي نڪري وڃن ٿيون. |
| فَالْمُدَبِّرٰتِ اَمْرًا ⑥ | ٦ـ دري (دنيا جي) ڪم (هلائڻ) جي تدبيرن ۾ لڳي وڃن ٿيون. |
| يَوْمَ تَرْجُفُ الرَّاجِفَةُ ⑦ | ٧ـ (انهن صفتن واري قوم جي ظهور جو اهو ڏينهن هوندو) جنهن ڏينهن جنگ (جي تياري) ڪرڻ واري (قوم) جنگ جي تياري ڪندي. |
| تَتْبَعُهَا الرَّادِفَةُ ⑧ | ٨ـ انهيءَ (جنگ جي تياري) کان پوءِ (اهڙي قسم جي) پويان اچڻ واري (هڪ ٻي) گهڙي ايندي. |
| قُلُوْبٌ يَّوْمَئِذٍ وَّاجِفَةٌ ⑨ | ٩ـ انهيءَ ڏينهن ڪن (ماڻهن جون) دليون ڏڪي رهيون هونديون. |

كندي حق كان ڀڄي ڦيرائي ڇڏي.

فَحَشَرَ فَنَادٰى ﴿٢٤﴾

٢٤. سو (انهيءَ پنهن جي درٻارين كي) جمع كيو ۽ (ملڪ ۾ عام) پڙهو ڏياريو.

فَقَالَ اَنَا رَبُّكُمُ الْاَعْلٰى ﴿٢٥﴾

٢٥. ۽ (ماڻهن كي جمع كري) چيو تہ مان توهانجو سڀ كان وڏو رب آهيان.

فَاَخَذَهُ اللّٰهُ نَكَالَ الْاٰخِرَةِ وَالْاُوْلٰى ﴿٢٦﴾

٢٦. انهيءَ تي الله انهيءَ كي آخرت ۽ دنيا جي عذاب ۾ مبتلا ڪرڻ جي لاءِ پڪڙي ورتو.

اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَعِبْرَةً لِّمَنْ يَّخْشٰى ﴿٢٧﴾ ع

٢٧. يقينن انهيءَ (واقعي) ۾ انهيءَ جي لاءِ جيڪو خدا كان ڊڄي ٿو هڪ وڏي عبرت (جو سامان) آهي.

ءَاَنْتُمْ اَشَدُّ خَلْقًا اَمِ السَّمَآءُ بَنٰهَا ﴿٢٨﴾

٢٨. (سوچو تہ سهي) ڇا توهانكي (ٻيهر) پيدا ڪرڻ وڌيڪ ڏکيو آهي يا آسمان كي (پيدا ڪرڻ) جنهن كي انهيءَ (خدا) بنايو آهي.

رَفَعَ سَمْكَهَا فَسَوّٰىهَا ﴿٢٩﴾

٢٩. (۽) انهيءَ جي بلنديءَ كي اوچو ڪيو آهي ۽ انهيءَ كي بي عيب بنايو اٿس.

وَاَغْطَشَ لَيْلَهَا وَاَخْرَجَ ضُحٰىهَا ﴿٣٠﴾

٣٠. ۽ انهيءَ جي رات كي (تہ) اونداهو بنايو آهي پر انهيءَ جي مجهند كي (روشن بنائي) ظاهر ڪيو آهي.

وَالْاَرْضَ بَعْدَ ذٰلِكَ دَحٰىهَا ﴿٣١﴾

٣١. ۽ انهيءَ سان گڏ (انهيءَ زماني ۾) زمين كي بہ وڇايو اٿس.

اَخْرَجَ مِنْهَا مَآءَهَا وَمَرْعٰىهَا ﴿٣٢﴾

٣٢. پوءِ (انهيءَ مان) انهيءَ جو پاڻي ۽ انهيءَ جو چارو ڪڍيو اٿس.

وَالْجِبَالَ اَرْسٰىهَا ﴿٣٣﴾

٣٣. ۽ جبلن كي بہ اُنهي اِنهيءَ ۾ کپايو آهي.

مَتَاعًا لَّكُمْ وَلِاَنْعَامِكُمْ ﴿٣٤﴾

٣٤. (اهو سڀ ڪجهہ) توهانجي ۽ توهانجن جانورن جي فائدي جيلاءِ (انهيءَ ڪيو آهي)

فَاِذَا جَآءَتِ الطَّآمَّةُ الْكُبْرٰى ﴿٣٥﴾

٣٥. پوءِ جڏهين اها وڏي آفت ايندي

| | |
|---|---|
| يَوْمَ يَتَذَكَّرُ الْإِنْسَانُ مَا سَعٰى ﴿٣٥﴾ | ٣٦. جنهن ڏينهن انسان پنهنجي ڪئي کي ياد ڪندو. |
| وَبُرِّزَتِ الْجَحِيْمُ لِمَنْ يَّرٰى ﴿٣٦﴾ | ٣٧. ۽ جهنم انهيءَ جي لاءِ جيڪو انهيءَ کي (عقل جي اک سان) ڏسندو ظاهر ڪيو ويندو. |
| فَاَمَّا مَنْ طَغٰى ﴿٣٧﴾ | ٣٨. پوءِ جنهن سرڪشي اختيار ڪئي. |
| وَاٰثَرَ الْحَيٰوةَ الدُّنْيَا ﴿٣٨﴾ | ٣٩. ۽ دنيوي زندگيءَ کي (آخرت تي) ترجيح ڏني. |
| فَاِنَّ الْجَحِيْمَ هِيَ الْمَاْوٰى ﴿٣٩﴾ | ٤٠. يقينن جهنم (ئي) انهيءَ جو ٺڪاڻو آهي. |
| وَاَمَّا مَنْ خَافَ مَقَامَ رَبِّهٖ وَنَهَى النَّفْسَ عَنِ الْهَوٰى ﴿٤٠﴾ | ٤١. ۽ جنهن پنهن جي رب جي شان کان خوف ڪيو ۽ (پنهن جي) نفس کي ڪريل خواهشن کان روڪيو. |
| فَاِنَّ الْجَنَّةَ هِيَ الْمَاْوٰى ﴿٤١﴾ | ٤٢. يقينن جنت ئي انهيءَ جو ٺڪاڻو آهي. |
| يَسْـَٔلُوْنَكَ عَنِ السَّاعَةِ اَيَّانَ مُرْسٰهَا ﴿٤٢﴾ | ٤٣. اهي توکان انهيءَ گهڙيءَ جي متعلق پڇن ٿا (تہ) انهيءَ جو اچڻ ڪڏهن ٿيندو؟ |
| فِيْمَ اَنْتَ مِنْ ذِكْرٰىهَا ﴿٤٣﴾ | ٤٤. توکي انهيءَ جي (اچڻ جي) ذڪر سان ڪهڙو تعلق؟ |
| اِلٰى رَبِّكَ مُنْتَهٰىهَا ﴿٤٤﴾ | ٤٥. انهيءَ (جي وقت) جي انتها (جو مقرر ڪرڻ) تہ تنهن جي رب سان تعلق رکي ٿو. |
| اِنَّمَآ اَنْتَ مُنْذِرُ مَنْ يَّخْشٰهَا ﴿٤٥﴾ | ٤٦. تون تہ صرف انهيءَ کي جيڪو انهيءَ (آفت) کان ڊڄيٿو هوشيار ڪرڻ وارو آهين. |
| كَاَنَّهُمْ يَوْمَ يَرَوْنَهَا لَمْ يَلْبَثُوْٓا اِلَّا عَشِيَّةً اَوْ ضُحٰىهَا ﴿٤٦﴾ ع ٢ | ٤٧. اهي جنهن ڏينهن انهيءَ کي ڏسندا (انهن جي حالت اهڙي هوندي جو) ڄڻ اهي صرف هڪ شام يا انهيءَ جو صبح (هن دنيا ۾) رهيا آهن. |

فَاَنْتَ عَنْهُ تَلَهّٰى ﴿١١﴾

١١۔ (تہ اعتراض ڪندڙ جي چوڻ موجب) تون انهيءَ ڪان بي توجهي ڪرين ٿو.

كَلَّآ اِنَّهَا تَذْكِرَةٌ ﴿١٢﴾

١٢۔ (ائين) هرگز ڪونهي (اهي سڀ الزام غلط آهن) يقينن هي (قرآن) تہ هڪ نصيحت آهي (انهيءَ سان گڏ تلوار نہ لاٿي ويئي جو تون ماڻهن کي مسلمان بنائڻ تي مجبور ٿين)

فَمَنْ شَآءَ ذَكَرَهٗ ﴿١٣﴾

١٣۔ پوءِ جيڪو گهري انهيءَ کي پنهنجي ذهن ۾ ياد ڪري.

فِيْ صُحُفٍ مُّكَرَّمَةٍ ﴿١٤﴾

١٤۔ (هي قرآن اهڙن) صحيفن مان آهي (جيڪي) عزت وارا

مَّرْفُوْعَةٍ مُّطَهَّرَةٍ ﴿١٥﴾

١٥۔ بلند شان ۽ پاڪ آهن.

بِاَيْدِيْ سَفَرَةٍ ﴿١٦﴾

١٦۔ اهي (صحيفا لکڻ وارن ۽ پري پري) سفر ڪرڻ وارن جي هٿن ۾ (آهن).

كِرَامٍ بَرَرَةٍ ﴿١٧﴾

١٧۔ (اهڙن ماڻهن جي هٿن ۾) جيڪي معزز آهن ۽ اعلي درجي جا نيڪو ڪار آهن.

قُتِلَ الْاِنْسَانُ مَآ اَكْفَرَهٗ ﴿١٨﴾

١٨۔ انسان تباهہ ٿئي، هو ڪهڙو بي شڪر آهي.

مِنْ اَيِّ شَيْءٍ خَلَقَهٗ ﴿١٩﴾

١٩۔ (اهو غور تہ ڪري تہ) خدا انهيءَ کي ڪهڙيءَ شيءِ مان پيدا ڪيو آهي.

مِنْ نُّطْفَةٍ خَلَقَهٗ فَقَدَّرَهٗ ﴿٢٠﴾

٢٠۔ (انهيءَ کي معلوم ٿيندو تہ يقينن) هڪ نطفي مان (پيدا ڪيو آهي پهرين تہ) انهيءَ کي پيدا ڪيو پوءِ انهيءَ جيلاءِ (ترقيءَ جو هڪ) اندازو مقرر ڪيو.

ثُمَّ السَّبِيْلَ يَسَّرَهٗ ﴿٢١﴾

٢١۔ پوءِ (انهيءَ جي) رستي کي آسان بنايو (۽ انهيءَ کي) ڏاڍو آسان بنايو.

ثُمَّ اَمَاتَهٗ فَاَقْبَرَهٗ ﴿٢٢﴾

٢٢۔ پوءِ (طبعي عمر ڪانپوءِ) انهيءَ کي ماري ڇڏيو ۔ پوءِ انهيءَ کي (موعود) قبر ۾ رکيو.

ثُمَّ إِذَا شَآءَ أَنشَرَهُۥ ﴿٢٢﴾

٢٣. پوءِ جڏهين چاهيندو انهيءَ کي ٻيهر اٿاري کڙو ڪري ڇڏيندو.

كَلَّا لَمَّا يَقْضِ مَآ أَمَرَهُۥ ﴿٢٣﴾

٢٤. (ائين) هرگز نآهي (جو توهان سمجهو ٿا ڏسو نٿا ته) انهيءَ کي (يعني انسان کي) جيڪو حڪم مليو هو، اڃا تائين هن انهيءَ کي پورو نه ڪيو.

فَلْيَنظُرِ ٱلْإِنسَٰنُ إِلَىٰ طَعَامِهِۦٓ ﴿٢٤﴾

٢٥. پوءَ گهرجي ته انسان پنهنجي کاڌي کي ڏسي

أَنَّا صَبَبْنَا ٱلْمَآءَ صَبًّا ﴿٢٥﴾

٢٦. (۽ ڏسي ته) اسان ڪڪرن مان پاڻي کي چڱيءَ طرح وسايو آهي.

ثُمَّ شَقَقْنَا ٱلْأَرْضَ شَقًّا ﴿٢٦﴾

٢٧. پوءِ زمين کي چڱيءَ طرح ڦاڙيو آهي.

فَأَنۢبَتْنَا فِيهَا حَبًّا ﴿٢٧﴾

٢٨. سو انهيءَ ڦاڙڻ جي نتيجي ۾ اسان انهيءَ ۾ قسم قسم جا ان پيدا ڪيا آهن.

وَعِنَبًا وَقَضْبًا ﴿٢٨﴾

٢٩. اهڙيءَ طرح انگور ۽ ڀاڄيون

وَزَيْتُونًا وَنَخْلًا ﴿٢٩﴾

٣٠. پڻ زيتون ۽ کجيون

وَحَدَآئِقَ غُلْبًا ﴿٣٠﴾

٣١. ۽ انهيءَ سان گڏ گهاٽا باغ به

وَفَٰكِهَةً وَأَبًّا ﴿٣١﴾

٣٢. ۽ ميوا ۽ خشڪ گاهه (۽ جهاڙيون به)

مَّتَٰعًا لَّكُمْ وَلِأَنْعَٰمِكُمْ ﴿٣٢﴾

٣٣. (اهو سڀ) توهانجي لاءِ ۽ توهانجن جانورن جي فائدي جي لاءِ (پيدا ڪيو ويو آهي)

فَإِذَا جَآءَتِ ٱلصَّآخَّةُ ﴿٣٣﴾

٣٤. ۽ وري (اهو به ته سوچيو ته) جڏهين ڪنن کي ڦاڙڻ واري (مصيبت) ايندي

يَوْمَ يَفِرُّ ٱلْمَرْءُ مِنْ أَخِيهِ ﴿٣٤﴾

٣٥. جنهن ڏينهن انسان پنهنجي ڀاءَ کان (ڀڄي) ڀڄندو.

وَأُمِّهِۦ وَأَبِيهِ ﴿٣٥﴾

٣٦. ۽ (اهڙي طرح) پنهن جي ماءَ ۽ پنهن جي پيءَ کان

وَصَٰحِبَتِهِۦ وَبَنِيهِ ﴿٣٦﴾

٣٧. ۽ پنهن جي زال ۽ پنهنجن پٽن کان (به)

| | |
|---|---|
| لِكُلِّ امْرِئٍ مِّنْهُمْ يَوْمَئِذٍ شَأْنٌ يُّغْنِيْهِ ﴿٣٧﴾ | ٣٨- انهيءَ ڏينهن هر هڪ ماڻهوءَ جي حالت اهڙي هوندي جو اها ڪيس پنهنجي (ئي) طرف منجهائي رکندي. |
| وُجُوْهٌ يَّوْمَئِذٍ مُّسْفِرَةٌ ﴿٣٨﴾ | ٣٩- ڪن (ماڻهن جا) منهن انهيءَ ڏينهن روشن هوندا. |
| ضَاحِكَةٌ مُّسْتَبْشِرَةٌ ﴿٣٩﴾ | ٤٠- کلندڙ ۽ ڏاڍا خوش |
| وَوُجُوْهٌ يَّوْمَئِذٍ عَلَيْهَا غَبَرَةٌ ﴿٤٠﴾ | ٤١- ۽ ڪن (ماڻهن جا) منهن انهيءَ ڏينهن اهڙا هوندا جو ائين معلوم ٿيندو ته انهن تي رئي پيل آهي. |
| تَرْهَقُهَا قَتَرَةٌ ﴿٤١﴾ | ٤٢- (اندروني حالت پڌائڻ جي لاءِ) انهن جي منهن تي هڪ (اهڙي) ڪارنهن به ڇانيل هوندي (جيڪا اهڙي وقت ۾ ڇانئبي آهي). |
| أُولَٰئِكَ هُمُ الْكَفَرَةُ الْفَجَرَةُ ﴿٤٢﴾ ع ١ | ٤٣- اهي ئي ماڻهو ڪافر ۽ بدڪار قرار ڏنا ويندا. |

## سُوْرَةُ التَّكْوِيْرِ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ مَعَ الْبَسْمَلَةِ ثَلٰثُوْنَ اٰيَةً

سورت تڪوير - هيءَ سورت مڪي آهي ۽ بسم الله سميت هن جون ٽيهه آيتون آهن.

| | |
|---|---|
| بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ﴿١﴾ | ١- (مان) الله جو نالو وٺي جيڪو بيحد ڪرم ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي (پڙهانٿو) |
| إِذَا الشَّمْسُ كُوِّرَتْ ﴿٢﴾ | ٢- جڏهين سج (جي روشنيءَ) کي ويڙهيو ويندو. |
| وَإِذَا النُّجُوْمُ انْكَدَرَتْ ﴿٣﴾ | ٣- ۽ جڏهين تارا ڏنڌلاتجي ويندا. |
| وَإِذَا الْجِبَالُ سُيِّرَتْ ﴿٤﴾ | ٤- ۽ جڏهين جبل هلايا ويندا. |
| وَإِذَا الْعِشَارُ عُطِّلَتْ ﴿٥﴾ | ٥- ۽ جڏهين ڏهن مهينن جون ڍڪيون ڏاچيون گور ڇڏيون وينديون. |
| وَإِذَا الْوُحُوْشُ حُشِرَتْ ﴿٦﴾ | ٦- ۽ جڏهين وحشي گڏ ڪيا ويندا. |

| | |
|---|---|
| وَإِذَا الْبِحَارُ سُجِّرَتْ ⑦ | ٧. ۽ جڏهن دريائن (جي پاڻين) کي (ڪڍي ٻين درياهن يا نهرن ۾) ملايو ويندو. |
| وَإِذَا النُّفُوسُ زُوِّجَتْ ⑧ | ٨. ۽ جڏهن (مختلف) نفس جمع ڪيا ويندا. |
| وَإِذَا الْمَوْءُدَةُ سُئِلَتْ ⑨ | ٩. ۽ جڏهن جيئرو پوري ڇڏڻ واري (ڇوڪري) جي باري ۾ سوال ڪيو ويندو. |
| بِأَيِّ ذَنْبٍ قُتِلَتْ ⑩ | ١٠. (تہ آخر) ڪهڙي گناھہ جي بدلي ۾ انهيءَ کي قتل ڪيو ويو هو. |
| وَإِذَا الصُّحُفُ نُشِرَتْ ⑪ | ١١. ۽ جڏهن ڪتاب پکيڙيا ويندا. |
| وَإِذَا السَّمَآءُ كُشِطَتْ ⑫ | ١٢. ۽ جڏهن آسمان جي کل لاٿي ويندي. |
| وَإِذَا الْجَحِيمُ سُعِّرَتْ ⑬ | ١٣. ۽ جڏهن جهنم کي ڀڙڪايو ويندو. |
| وَإِذَا الْجَنَّةُ أُزْلِفَتْ ⑭ | ١٤. ۽ جڏهن جنت کي ويجهو ڪيو ويندو. |
| عَلِمَتْ نَفْسٌ مَّآ أَحْضَرَتْ ⑮ | ١٥. (انهيءَ ڏينهن) هر ڪا جان جيڪي ڪي انهيءَ حاصل ڪيو آهي ڄاڻي وٺندي. |
| فَلَآ أُقْسِمُ بِالْخُنَّسِ ⑯ | ١٦. پوءِ ائين نہ آهي (جيڪي توهان خيال ڪيو ٿا) مان شاهديءَ طور پيش ڪيانٿو هلندي هلندي پوئتي وڃڻ وارن کي. |
| الْجَوَارِ الْكُنَّسِ ⑰ | ١٧. (جيڪي گڏ) نڪ جي سامهون هلڻ وارا (بہ آهن ۽ وري) گهرن ۾ ويهي رهڻ وارا بہ |
| وَالَّيْلِ إِذَا عَسْعَسَ ⑱ | ١٨. ۽ رات کي (شاهديءَ طور پيش ڪيانٿو) جڏهن اها خاتمي کي پهچي ٿي. |
| وَالصُّبْحِ إِذَا تَنَفَّسَ ⑲ | ١٩. ۽ صبح کي جڏهن اهو ساھہ کڻڻ لڳي ٿو. |
| إِنَّهُ لَقَوْلُ رَسُولٍ كَرِيمٍ ⑳ | ٢٠. يقينن اهو (قرآن) هڪ بزرگ رسول جو ڪلام آهي. |
| ذِى قُوَّةٍ عِندَ ذِى الْعَرْشِ مَكِينٍ ㉑ | ٢١. (جيڪو رسول) طاقت وارو ۽ عرش جي مالڪ جي حضور وڏو درجو رکڻ وارو آهي. |
| مُّطَاعٍ ثَمَّ أَمِينٍ ㉒ | ٢٢. (۽) مڃيل (بہ) آهي (۽) انهيءَ سان گڏ امين بہ آهي. |
| وَمَا صَاحِبُكُم بِمَجْنُونٍ ㉓ | ٢٣. ۽ توهانجو ساٿي هرگز چريو نہ آهي. |

وَلَقَدْ رَاٰهُ بِالْاُفُقِ الْمُبِيْنِ ﴿٢٣﴾

٢٣- ۽ هن انهي (غيب) کي يقينن کليل افق ۾ ڏٺو آهي.

وَ مَا هُوَ عَلَى الْغَيْبِ بِضَنِيْنٍ ﴿٢٤﴾

٢٤- ۽ هو غيب جي خبرن ٻڌائڻ ۾ هرگز بخيل نہ آهي.

وَ مَا هُوَ بِقَوْلِ شَيْطٰنٍ رَّجِيْمٍ ﴿٢٥﴾

٢٥- ۽ نہ اهو (يعني انهيءَ تي نازل ٿيڻ وارو (ڪلام) ڌڪاريل شيطان جي (چيل) ڳالهہ آهي.

فَاَيْنَ تَذْهَبُوْنَ ﴿٢٦﴾

٢٦- پوءِ (باوجود انهيءَ جي) توهان ڪاڏي وڃو ٿا.

اِنْ هُوَ اِلَّا ذِكْرٌ لِّلْعٰلَمِيْنَ ﴿٢٧﴾

٢٧- اهو تہ صرف سڀني جهانن جي لاءِ هڪ نصيحت آهي.

لِمَنْ شَآءَ مِنْكُمْ اَنْ يَّسْتَقِيْمَ ﴿٢٨﴾

٢٨- (خاص ڪري) توهان مان انهيءَ جي لاءِ جيڪو سڌي رستي تي هلڻ چاهي.

وَ مَا تَشَآءُوْنَ اِلَّآ اَنْ يَّشَآءَ اللّٰهُ رَبُّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٢٩﴾

٢٩- ۽ توهان اهو نٿا گهري سگهو پر خدا جي مرضيءَ جي مطابق جيڪو سڀني جهانن جو رب آهي.

## سُوْرَةُ الْاِنْفِطَارِ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ مَعَ الْبَسْمَلَةِ عِشْرُوْنَ اٰيَةً

سورت انفطار هيءَ سورت مڪي آهي ۽ بسم الله سميت هن جون ويهہ آيتون آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ﴿١﴾

١- (مان) الله جو نالو وٺي جيڪو بيحد ڪرم ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي (پڙهانٿو)

اِذَا السَّمَآءُ انْفَطَرَتْ ﴿٢﴾

٢- جڏهين آسمان ڦاٽي پوندو.

وَ اِذَا الْكَوَاكِبُ انْتَثَرَتْ ﴿٣﴾

٣- ۽ جڏهين تارا ڇڻي پوندا.

وَ اِذَا الْبِحَارُ فُجِّرَتْ ﴿٤﴾

٤- ۽ جڏهين سمنڊ ڦاڙي ملايا ويندا.

وَ اِذَا الْقُبُوْرُ بُعْثِرَتْ ﴿٥﴾

٥- ۽ جڏهين قبرون کوٽي هيڏانهن هوڏانهن پکيڙيون وينديون.

| | |
|---|---|
| عَلِمَتْ نَفْسٌ مَّا قَدَّمَتْ وَ اَخَّرَتْ ۝٥ | ٦. تڏهن اها وڏي (خطاڪار) جان (جنهن جو هتي ذڪر آهي) ڄاڻي وٺندي تہ ڇا (ڪجهہ) انهيءَ اڳتي موڪليو آهيءَ ڇا (ڪجهہ) پوئتي ڇڏيو آهي. |
| يٰاَيُّهَا الْاِنْسَانُ مَا غَرَّكَ بِرَبِّكَ الْكَرِيْمِ ۝٦ | ٧. اي انسان! توکي ڪنهن تنهن جي رب جي باري ۾ مغرور (۽ دوکي ڪاڌل) بنائي ڇڏيو آهي. |
| الَّذِيْ خَلَقَكَ فَسَوّٰىكَ فَعَدَلَكَ ۝٧ | ٨. انهيءَ رب جي باري ۾ جنهن توکي پيدا ڪيو پوءِ توکي (يعني تنهن جي اندروني طاقتن کي) درست ڪيو. پوءِ توکي مناسب قوتون بخشيون. |
| فِيْٓ اَيِّ صُوْرَةٍ مَّا شَآءَ رَكَّبَكَ ۝٨ | ٩. پوءِ جيڪا صورت انهيءَ پسند ڪئي انهيءَ ۾ توکي جوڙيائين. |
| كَلَّا بَلْ تُكَذِّبُوْنَ بِالدِّيْنِ ۝٩ | ١٠. ائين هرگز ڪونهي (جيڪي توهان خيال ڪيو ٿا) بلڪ توهان تہ جزا ۽ سزا کي ڪوڙو ڪيو ٿا. |
| وَاِنَّ عَلَيْكُمْ لَحٰفِظِيْنَ ۝١٠ | ١١. ۽ يقينن توهانتي (توهانجي خدا جي طرفان) نگران مقرر آهن. |
| كِرَامًا كَاتِبِيْنَ ۝١١ | ١٢. (جيڪي) شريف (۽) هر ڳالهہ کي لکڻ وارا آهن. |
| يَعْلَمُوْنَ مَا تَفْعَلُوْنَ ۝١٢ | ١٣. توهان جيڪي ڪي ڪيو ٿا اهي انهيءَ کي ڄاڻن ٿا. |
| اِنَّ الْاَبْرَارَ لَفِيْ نَعِيْمٍ ۝١٣ | ١٤. يقينن نيڪين ۾ وڏي وڌڻ وارا ماڻهو (هميشه) نعمت ۾ (رهن) ٿا. |
| وَاِنَّ الْفُجَّارَ لَفِيْ جَحِيْمٍ ۝١٤ | ١٥. ۽ بدڪار ماڻهو يقينن جهنم ۾ (رهن) ٿا. |
| يَّصْلَوْنَهَا يَوْمَ الدِّيْنِ ۝١٥ | ١٦. اهي (خاص ڪري) انهيءَ ۾ جزا جي ڏينهن داخل ٿيندا. |
| وَ مَا هُمْ عَنْهَا بِغَآئِبِيْنَ ۝١٦ | ١٧. ۽ اهي ڪهڙي طرح بہ انهيءَ کان بچي غائب نٿا ٿي سگهن. |

وَمَآ اَدۡرٰىكَ مَا يَوۡمُ الدِّيۡنِ ۞١٨

١٨۔ ۽ (اي مخاطب!) توکي ڪنهن انهيءَ ڳالهہ جو علم ڏنو آهي تہ جزا سزا جو وقت ڪهڙو آهي.

ثُمَّ مَآ اَدۡرٰىكَ مَا يَوۡمُ الدِّيۡنِ ۞١٩

١٩۔ پوءِ (اسان توکي چئون ٿا تہ) توکي ڪنهن علم ڏنو آهي تہ جزا سزا جو وقت ڪهڙو آهي.

يَوۡمَ لَا تَمۡلِكُ نَفۡسٌ لِّنَفۡسٍ شَيۡـًٔا ؕ وَالۡاَمۡرُ يَوۡمَئِذٍ لِّلّٰهِ ۞٢٠

٢٠۔ (اهو وقت) انهيءَ ڏينهن (ٿيندو) جنهن ۾ ڪابہ جان ڪنهن بہ جان کي فائدو پهچائڻ لاءِ ڪوبہ اختيار نہ رکندي ۽ سڀ فيصلو انهيءَ ڏينهن الله جي ئي هٿ ۾ هوندو.

## سُوۡرَةُ الۡمُطَفِّفِيۡنَ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ مَعَ الۡبَسۡمَلَةِ سَبۡعٌ وَّثَلٰثُوۡنَ اٰيَةً

سورت مطففين ۔ هيءَ سورت مڪي آهي ۽ بسم الله سميت هن جون ستٽيهہ آيتون آهن.

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۞١

١۔ (مان) الله جو نالو وٺي جيڪو بيحد ڪرم ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي (پڙهانٿو)

وَيۡلٌ لِّلۡمُطَفِّفِيۡنَ ۞٢

٢۔ سودي سلف ۾ تور گهٽ ڪري ڏيڻ وارن لاءِ عذاب (ئي عذاب) آهي.

الَّذِيۡنَ اِذَا اكۡتَالُوۡا عَلَى النَّاسِ يَسۡتَوۡفُوۡنَ ۞٣

٣۔ (انهن جي لاءِ) جيڪي تور ڪن ٿا تہ چڱي طرح پوري ڪري وٺن ٿا.

وَاِذَا كَالُوۡهُمۡ اَوْ وَّزَنُوۡهُمۡ يُخۡسِرُوۡنَ ۞٤

٤۔ ۽ جڏهين (ڪا شيءِ) ٻين کي توري ڏين ٿا تہ پوءِ تور ۾ گهٽائي ڏين ٿا.

اَلَا يَظُنُّ اُولٰٓئِكَ اَنَّهُمۡ مَّبۡعُوۡثُوۡنَ ۞٥

٥۔ ڇا اهي ماڻهو يقين نٿا ڪن تہ اهي (جيئرو ڪري) اٿاريا ويندا.

لِيَوۡمٍ عَظِيۡمٍ ۞٦

٦۔ انهيءَ عظيم الشان وقت (جي فيصلي ڏسڻ) جي لاءِ.

يَّوْمَ يَقُوْمُ النَّاسُ لِرَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ۝٦

٧. جنهن وقت (سڀ) ماڻهو سڀني جهانن جي رب (جي فيصلي ٻڌڻ) جي لاءِ بيهندا.

كَلَّآ اِنَّ كِتٰبَ الْفُجَّارِ لَفِيْ سِجِّيْنٍ ۝٧

٨. ائين ڪونهي (جيڪي اهي سمجهن ٿا) بدڪارن (جي جزا) جو حڪم يقينن هڪ دائمي ڪتاب ۾ آهي.

وَمَآ اَدْرٰىكَ مَا سِجِّيْنٌ ۝٨

٩. ۽ توکي ڪنهن ٻڌايو آهي ته سجين ڇا آهي؟

كِتٰبٌ مَّرْقُوْمٌ ۝٩

١٠. اهو اهڙو حڪم آهي جيڪو (ازل کان) لکيل آهي.

وَيْلٌ يَّوْمَىِٕذٍ لِّلْمُكَذِّبِيْنَ ۝١٠

١١. انهيءَ ڏينهن ڪوڙو ڪرڻ وارن لاءِ عذاب (ئي عذاب) هوندو.

الَّذِيْنَ يُكَذِّبُوْنَ بِيَوْمِ الدِّيْنِ ۝١١

١٢. انهن (اهڙن ڪوڙو ڪرڻ وارن) جي لاءِ جيڪي جزا سزا جي ڏينهن جو انڪار ڪن ٿا.

وَمَا يُكَذِّبُ بِهٖٓ اِلَّا كُلُّ مُعْتَدٍ اَثِيْمٍ ۝١٢

١٣. ۽ انهيءَ جو انڪار نٿو ڪري سگهي پر اهو جيڪو حد کان نڪتل (۽) سخت گنهگار آهي.

اِذَا تُتْلٰى عَلَيْهِ اٰيٰتُنَا قَالَ اَسَاطِيْرُ الْاَوَّلِيْنَ ۝١٣

١٤. جڏهين اهڙن ماڻهن جي اڳيان اسان جا نشان پڙهيا وڃن ته اهي چئي ڏين ٿا ته هيءَ ته پهرين ماڻهن جون نقل ڪيل ڳالهيون آهن.

كَلَّا بَلْ ٚ رَانَ عَلٰى قُلُوْبِهِمْ مَّا كَانُوْا يَكْسِبُوْنَ ۝١٤

١٥. هرگز (ائين) نه آهي (جيئن اهي چون ٿا) پر (اصل ڳالهه هيءَ آهي ته) انهن جي دلين تي انهيءَ جيڪي اهي ڪمائي چڪا آهن ڪٽ لڳائي ڇڏي آهي.

كَلَّآ اِنَّهُمْ عَنْ رَّبِّهِمْ يَوْمَىِٕذٍ لَّمَحْجُوْبُوْنَ ۝١٥

١٦. بلڪ هينئن چئو ته انهيءَ ڏينهن اهي پنهن جي رب جي سامهون اچڻ کان يقينن روڪيا ويندا.

ثُمَّ اِنَّهُمْ لَصَالُوا الْجَحِيْمِ ۝١٦

١٧. پوءِ اهي ضرور جهنم ۾ داخل ٿيندا.

ثُمَّ يُقَالُ هٰذَا الَّذِيْ كُنْتُمْ بِهٖ تُكَذِّبُوْنَ ﴿١٧﴾

١٨- پوءِ انهن کي چيو ويندو، اهائي تہ اها (پڇاڙي) آهي جنهن جو توهان انڪار ڪندا هئا.

كَلَّآ اِنَّ كِتٰبَ الْاَبْرَارِ لَفِيْ عِلِّيِّيْنَ ﴿١٨﴾

١٩- توهانجن خيالن جي خلاف ڀلارن (جي جزا) جو حڪم يقين عليين ۾ آهي.

وَمَآ اَدْرٰىكَ مَا عِلِّيُّوْنَ ﴿١٩﴾

٢٠- ۽ توکي ڪنهن ٻڌايو آهي تہ عليون ڇا آهي؟

كِتٰبٌ مَّرْقُوْمٌ ﴿٢٠﴾

٢١- اهو هڪ لکيل حڪم آهي.

يَّشْهَدُهُ الْمُقَرَّبُوْنَ ﴿٢١﴾

٢٢- جنهن کي مقرب ماڻهو (خود پنهنجن اکين سان) ڏسندا.

اِنَّ الْاَبْرَارَ لَفِيْ نَعِيْمٍ ﴿٢٢﴾

٢٣- نيڪي ۾ وڌيل ماڻهو يقينن نعمت (جي جاءِ) ۾ رکيا ويندا.

عَلَى الْاَرَآئِكِ يَنْظُرُوْنَ ﴿٢٣﴾

٢٤- تختن تي (ويٺي سڀ حال) ڏسي رهيا هوندا.

تَعْرِفُ فِيْ وُجُوْهِهِمْ نَضْرَةَ النَّعِيْمِ ﴿٢٤﴾

٢٥- تون (جيڪڏهين انهن کي ڏسين تہ) انهن جي منهن تي نعمت جي تازگي محسوس ڪندين.

يُسْقَوْنَ مِنْ رَّحِيْقٍ مَّخْتُوْمٍ ﴿٢٥﴾

٢٦- انهن کي خالص مهر لڳل شراب پياريو ويندو.

خِتٰمُهٗ مِسْكٌ ؕ وَفِيْ ذٰلِكَ فَلْيَتَنَافَسِ الْمُتَنَافِسُوْنَ ﴿٢٦﴾

٢٧- انهيءَ جي پڇاڙيءَ ۾ مشڪ هوندو ۽ گهرجي تہ خواهش رکڻ وارا (انسان) اهڙي (ئي) شئي جي خواهش ڪن.

وَمِزَاجُهٗ مِنْ تَسْنِيْمٍ ﴿٢٧﴾

٢٨- ۽ انهيءَ ۾ تسنيم جي ملاوت هوندي.

عَيْنًا يَّشْرَبُ بِهَا الْمُقَرَّبُوْنَ ﴿٢٨﴾

٢٩- (اسانجي مراد انهيءَ) چشمي (مان) آهي جنهن مان مقرب ماڻهو پيئندا.

اِنَّ الَّذِيْنَ اَجْرَمُوْا كَانُوْا مِنَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا يَضْحَكُوْنَ ﴿٢٩﴾

٣٠- اهي ماڻهو جيڪي ڏوهاري ٿيا، يقينن مومنن سان کل (مسخري) ڪندا هئا.

وَاِذَا مَرُّوْا بِهِمْ يَتَغَامَزُوْنَ ﴿٣٠﴾

٣١- ۽ جڏهين انهن جي پرسان لنگهندا هئا تہ هڪ ٻئي کي اک سان اشارا ڪندا هئا.

وَاِذَا انْقَلَبُوْٓا اِلٰٓى اَهْلِهِمُ انْقَلَبُوْا فَكِهِيْنَ ۝٣١

٣٢. ۽ جڏهين پنهنجي گهروارن ڏانهن موٽندا هئا تہ (مسلمانن جي خلاف) ڏاڍيون ڳالهيون ٺاهيندي موٽندا هئا.

وَاِذَا رَاَوْهُمْ قَالُوْٓا اِنَّ هٰٓؤُلَاۤءِ لَضَاۤلُّوْنَ ۝٣٢

٣٣. ۽ (جڏهين بہ) انهن کي ڏسندا هئا چوندا هئا تہ هي ماڻهو تہ بلڪل گمراهہ آهن.

وَمَآ اُرْسِلُوْا عَلَيْهِمْ حٰفِظِيْنَ ۝٣٣

٣٤. ۽ حق اهو آهي جو اهي انهن تي نگران بنائي نہ موڪليا ويا هئا.

فَالْيَوْمَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مِنَ الْكُفَّارِ يَضْحَكُوْنَ ۝٣٤

٣٥. پوءِ جن ايمان آندو (اهي) انهيءَ (جزا سزا جي) ڏينهن ڪافرن تي کلندا.

عَلَى الْاَرَاۤئِكِ يَنْظُرُوْنَ ۝٣٥

٣٦. تختن تي ويٺل (انهن جو سچو حال) ڏسي رهيا هوندا.

هَلْ ثُوِّبَ الْكُفَّارُ مَا كَانُوْا يَفْعَلُوْنَ ۝٣٦ ع

٣٧. (۽ پاڻ ۾ چوندا تہ) ڇا ڪافرن کي جيڪي ڪي اهي ڪندا هئا (انهيءَ جو) پورو بدلو مليو ويو (يا نہ؟)

سُوْرَةُ الْاِنْشِقَاقِ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ مَعَ الْبَسْمَلَةِ سِتٌّ وَّعِشْرُوْنَ اٰيَةً

سورت انشقاق - هيءَ سورت مڪي آهي ۽ بسم الله سميت انهيءَ جون چويهہ آيتون آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۝١

١. (مان) الله جو نالو وٺي جيڪو بيحد ڪرم ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي (پڙهانٿو)

اِذَا السَّمَاۤءُ انْشَقَّتْ ۝٢

٢. جڏهين آسمان ڦاٽي پوندو.

وَاَذِنَتْ لِرَبِّهَا وَحُقَّتْ ۝٣

٣. ۽ پنهنجي رب (جي ڳالهہ ٻڌي) لاءِ ڪن ڏيندو - ۽ اهوئي (انهيءَ تي) فرض آهي.

وَاِذَا الْاَرْضُ مُدَّتْ ۝٤

٤. ۽ جڏهين زمين پکيڙي ويندي.

وَاَلْقَتْ مَا فِيْهَا وَتَخَلَّتْ ۝٥

٥. ۽ جيڪي ڪي انهيءَ ۾ آهي اها انهيءَ

كي ڪڍي ٻاهر ڪندي ۽ خالي ٿي ويندي.

وَاَذِنَتۡ لِرَبِّهَا وَحُقَّتۡ ۙ﴿۶﴾

٦. ۽ پنهن جي رب (جي ڳالهہ ٻڌڻ) جي لاءِ ڪن ڏيندي ۽ اهوئي (انهيءَ تي) فرض آهي.

يٰۤاَيُّهَا الۡاِنۡسَانُ اِنَّكَ كَادِحٌ اِلٰى رَبِّكَ كَدۡحًا فَمُلٰقِيۡهِ ۚ﴿۷﴾

٧. اي انسان! تون پنهن جي رب جي طرف پورو زور لڳائي وڃڻ وارو آهين (۽) وري انهيءَ سان ملڻ وارو آهين.

فَاَمَّا مَنۡ اُوۡتِىَ كِتٰبَهٗ بِيَمِيۡنِهٖ ۙ﴿۸﴾

٨. پوءِ جنهن جي ساڄي هٿ ۾ انهيءَ جو اعمال نامون ڏنو ويندو.

فَسَوۡفَ يُحَاسَبُ حِسَابًا يَّسِيۡرًا ۙ﴿۹﴾

٩. تہ انهيءَ کان جلدئي آسان حساب ورتو ويندو.

وَّيَنۡقَلِبُ اِلٰٓى اَهۡلِهٖ مَسۡرُوۡرًا ؕ﴿۱۰﴾

١٠. ۽ اهو پنهن جي ڪٽنب ڏانهن خوش (خورم) موٽندو.

وَاَمَّا مَنۡ اُوۡتِىَ كِتٰبَهٗ وَرَآءَ ظَهۡرِهٖ ۙ﴿۱۱﴾

١١. ۽ جنهن کي انهيءَ جي پٺيءَ پويان انهيءَ جو اعمال نامون ڏنو ويندو.

فَسَوۡفَ يَدۡعُوۡا ثُبُوۡرًا ۙ﴿۱۲﴾

١٢. اهو جلدئي (پنهن جي واتان پنهن جي) تباهيءَ کي سڏيندو.

وَّيَصۡلٰى سَعِيۡرًا ؕ﴿۱۳﴾

١٣. ۽ ڀڙڪندڙ باهہ ۾ داخل ٿيندو.

اِنَّهٗ كَانَ فِىۡۤ اَهۡلِهٖ مَسۡرُوۡرًا ؕ﴿۱۴﴾

١٤. اهو پنهن جي اهل و عيال ۾ ڏاڍو خوش رهندو هو.

اِنَّهٗ ظَنَّ اَنۡ لَّنۡ يَّحُوۡرَ ۛۚ﴿۱۵﴾

١٥. (۽) يقين رکندو هو تہ ڪشادگيءَ کانپوءِ ڪڏهين بہ انهيءَ کي تنگي نہ ايندي.

منتصف ء بلقارئين

بَلٰٓى ۛۚ اِنَّ رَبَّهٗ كَانَ بِهٖ بَصِيۡرًا ؕ﴿۱۶﴾

١٦. پر ائين تہ (ضرور) ٿيڻو هو ڇو جو انهيءَ جو رب انهيءَ کي يقينن ڏسي رهيو هو.

فَلَاۤ اُقۡسِمُ بِالشَّفَقِ ۙ﴿۱۷﴾

١٧. ۽ انهيءَ جي خيال جي غلطيءَ جي ثبوت ۾ اسان شفق کي پيش ڪيونٿا.

وَالَّيۡلِ وَمَا وَسَقَ ۙ﴿۱۸﴾

١٨. ۽ رات کي بہ ۽ انهيءَ کي بہ جنهن کي اها گڏ ڪري ٿي وٺي.

وَالْقَمَرِ إِذَا اتَّسَقَ ﴿١٩﴾

١٩. ۽ چنڊ کي (بہ) جڏهين اهو تيرهين جو ٿي وڃي.(شاهديءَ جي طور تي پيش ڪيونٿا)

لَتَرْكَبُنَّ طَبَقًا عَنْ طَبَقٍ ﴿٢٠﴾

٢٠. توهان ضرور درجہ بدرجي انهن حالتن کي پهچندا.

فَمَا لَهُمْ لَا يُؤْمِنُونَ ﴿٢١﴾

٢١. ۽ انهن ڪافرن کي ڇا ٿيو آهي جو ايمان نٿا آڻين.

وَإِذَا قُرِئَ عَلَيْهِمُ الْقُرْآنُ لَا يَسْجُدُونَ ۩ ﴿٢٢﴾

٢٢. ۽ جڏهين انهن جي اڳيان قرآن پڙهيو وڃي تہ سجدو نٿا ڪن.

بَلِ الَّذِينَ كَفَرُوا يُكَذِّبُونَ ﴿٢٣﴾

٢٣. پر ڪافر پنهن جي ڪفر ۾ ايترو وڌي ويا آهن جو اهي (قرآن جي سچائي کي) ڪوڙو ڪرڻ لڳا آهن.

وَاللَّهُ أَعْلَمُ بِمَا يُوعُونَ ﴿٢٤﴾

٢٤. ۽ الله انهيءَ کي جنهن کي اهي (پنهن جي دلين ۾) لڪايو وينا آهن ڏاڍو چاڻي ٿو.

فَبَشِّرْهُمْ بِعَذَابٍ أَلِيمٍ ﴿٢٥﴾

٢٥. پوءِ (انهن جي مخفي خيالن ۽ ظاهر عملن جي سببان) انهن کي دردناڪ عذاب جي خبر ڏئي ڇڏ.

إِلَّا الَّذِينَ آمَنُوا وَعَمِلُوا الصَّالِحَاتِ لَهُمْ أَجْرٌ غَيْرُ مَمْنُونٍ ﴿٢٦﴾ ع ٦ ٩

٢٦. پر اهي (ماڻهو) جن ايمان آندو ۽ انهن حال سارو عمل ڪيا انهن کي هڪ نہ ختم ٿيڻ وارو (نيڪ) اجر ملڻ وارو آهي.

## سُورَةُ الْبُرُوجِ مَكِّيَّةٌ وَهِيَ مَعَ الْبَسْمَلَةِ ثَلٰثٌ وَّعِشْرُوْنَ اٰيَةً

سورت بروج - هيءَ سورت مڪي آهي ۽ بسم الله سميت هن جون ٽيويهہ آيتون آهن.

بِسْمِ اللَّهِ الرَّحْمَٰنِ الرَّحِيمِ ﴿١﴾

١. (مان) الله جو نالو وٺي جيڪو بيحد ڪرم ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي (پڙهانٿو)

وَالسَّمَاءِ ذَاتِ الْبُرُوجِ ﴿٢﴾

٢. مان برجن واري آسمان کي شاهديءَ طور

پيش ڪيائنو.

وَالْيَوْمِ الْمَوْعُوْدِ ②

٣. ۽ انهيءَ ڏينهن کي جنهن جو واعدو آهي.

وَشَاهِدٍ وَّمَشْهُوْدٍ ③

٤. ۽ (موعود) شاهد کي ۽ انهيءَ شخص کي جنهن جي پيشگوئي پهرين ڪتابن ۾ موجود آهي.

قُتِلَ اَصْحٰبُ الْاُخْدُوْدِ ④

٥. کاهين وارا تباهه ٿي ويا.

النَّارِ ذَاتِ الْوَقُوْدِ ⑤

٦. يعني (کاهين ۾) باهه (ٻرڪائڻ وارا) جنهن ۾ (گهڻو) ٻارڻ (وڌو ويو) هو.

اِذْ هُمْ عَلَيْهَا قُعُوْدٌ ⑥

٧. جڏهين اهي انهيءَ باهه تي (ڌرڻو هڻي) ويٺا هئا.

وَّهُمْ عَلٰى مَا يَفْعَلُوْنَ بِالْمُؤْمِنِيْنَ شُهُوْدٌ ⑦

٨. ۽ اهي مومنن سان جيڪي ڪي (معاملو) ڪري رهيا هئا، انهن جي دل انهيءَ جي حقيقت کي سمجهيو ٿي.

وَمَا نَقَمُوْا مِنْهُمْ اِلَّآ اَنْ يُّؤْمِنُوْا بِاللّٰهِ الْعَزِيْزِ الْحَمِيْدِ ⑧

٩. ۽ انهن سان صرف انهيءَ ڪري دشمني ڪندا هئا تہ انهن غالب (۽) سڀني تعريفن جي مالڪ الله تي ايمان ٿو آندو.

الَّذِيْ لَهٗ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۭ وَاللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ شَهِيْدٌ ۭ ⑨

١٠. اهو الله جنهن جي قبضي ۾ آسمانن ۽ زمين جي بادشاهت آهي ۽ (اهو نٿا سوچين تہ) الله هر شيءِ (جي حالتن) کان واقف آهي.

اِنَّ الَّذِيْنَ فَتَنُوا الْمُؤْمِنِيْنَ وَالْمُؤْمِنٰتِ ثُمَّ لَمْ يَتُوْبُوْا فَلَهُمْ عَذَابُ جَهَنَّمَ وَلَهُمْ عَذَابُ الْحَرِيْقِ ۭ ⑩

١١. اهي ماڻهو جن مومن مردن ۽ مومن عورتن کي عذاب ۾ مبتلا ڪيو (۽) وري (پنهن جي فعل کان) توبهہ بہ نہ ڪئي، انهن کي يقينن جهنم جو عذاب ملندو ـ ۽ (هن دنيا ۾ بہ) انهن کي (دل کي) ساڙي ڇڏڻ وارو عذاب ملندو.

اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ لَهُمْ جَنّٰتٌ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ ڛ ذٰلِكَ الْفَوْزُ الْكَبِيْرُ ⑪

١٢. (۽) جن ماڻهن ايمان آندو ۽ انهيءَ سان گڏ انهيءَ (ايمان) جي حال سارو عمل بہ انهن ڪيا انهن کي باغ ملندا ـ جن جي هيٺان

نهرون وهنديون هونديون (۽) اهائي وڏي
كاميابي آهي.

إِنَّ بَطْشَ رَبِّكَ لَشَدِيدٌ ﴿١٢﴾
١٢- يقينن تنهن جي رب جي پڪڙ سخت
هوندي آهي.

إِنَّهُ هُوَ يُبْدِئُ وَيُعِيدُ ﴿١٣﴾
١٣- (جوجو) اهوئي دنيا جي عذاب کي شروع
ڪري ٿو ۽ (جيڪڏهين ڪا قوم باز نـه اچي
تـه) بار بار عذاب آڻي ٿو.

وَهُوَ الْغَفُورُ الْوَدُودُ ﴿١٤﴾
١٤- ۽ (انهيءَ سان گڏ ئي) هو بي انتها
بخشڻ وارو (۽) بي انتها محبت ڪرڻ وارو
بـه آهي.

ذُو الْعَرْشِ الْمَجِيدُ ﴿١٥﴾
١٥- (اهو) عرش جو مالڪ (۽) بزرگ شان
وارو آهي.

فَعَّالٌ لِّمَا يُرِيدُ ﴿١٦﴾
١٦- جنهن ڳالهـ جو ارادو ڪري انهيءَ کي
ڪري ٿي ڇڏڻ وارو آهي.

هَلْ أَتَاكَ حَدِيثُ الْجُنُودِ ﴿١٧﴾
١٧- ڇا توهانکي (صداقت جي دشمنن جي)
لشڪرن جي خبر نـه ملي آهي.

فِرْعَوْنَ وَثَمُودَ ﴿١٨﴾
١٨- يعني فرعون ۽ ثمود جي لشڪرن جي.

بَلِ الَّذِينَ كَفَرُوا فِي تَكْذِيبٍ ﴿١٩﴾
١٩- حقيقت تـه اها آهي جو ڪافر (سخت)
انڪار (جي مرضن) ۾ (مبتلا) آهن.

وَاللَّهُ مِن وَرَائِهِم مُّحِيطٌ ﴿٢٠﴾
٢٠- حالانڪ الله (انهن کي) انهن جي پويان
(اچي) گهيرڻ وارو آهي.

بَلْ هُوَ قُرْآنٌ مَّجِيدٌ ﴿٢١﴾
٢١- (انهيءَ ڪانسواءِ) هيءَ بـه هڪ حقيقت
آهي تـه اهو (ڪلام جيڪو انهن ڳالهين جي
خبر ڏئي رهيو آهي) هڪ بزرگ ڪلام آهي ۽
هر جڳهـ ۽ هر زماني ۾ پڙهڻ وارو ڪلام
آهي.

فِي لَوْحٍ مَّحْفُوظٍ ﴿٢٢﴾ ع
٢٢- (۽ وڌيڪ ڪمال اهو آهي تـه) هو
حفاظت ڪيل تختي ۾ آهي.

## سُوْرَةُ الطَّارِقِ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ مَعَ الْبَسْمَلَةِ ثَمَانِيَ عَشْرَةَ اٰيَةً

**سورت طارق ـ هيءَ سورت مڪي آهي ۽ بسم الله سميت انهيءَ جون ارڙنهن آيتون آهن.**

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ①

١ـ (مان) الله جو نالو وٺي جيڪو بيحد ڪرم ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي (پڙهانئو)

وَالسَّمَآءِ وَالطَّارِقِ ②

٢ـ مان آسمان کي ۽ صبح جي تاري کي شاهديءَ طور پيش ڪيانٿو.

وَمَآ اَدْرٰىكَ مَا الطَّارِقُ ③

٣ـ ۽ ڪهڙي شيءِ توکي علم ڏنو آهي تہ صبح جو تارو ڇا آهي.

النَّجْمُ الثَّاقِبُ ④

٤ـ اهو تارو (اهو آهي) جيڪو ڏاڍو چمڪي ٿو.

اِنْ كُلُّ نَفْسٍ لَّمَّا عَلَيْهَا حَافِظٌ ⑤

٥ـ (اسان دعويٰ ڪيونٿا تہ انهيءَ قسم جي) ڪابہ جان ڪانهي، جنهن تي هڪ نگران (خدا جي طرفان) مقرر نہ هجي.

فَلْيَنْظُرِ الْاِنْسَانُ مِمَّ خُلِقَ ⑥

٦ـ پوءِ انسان کي ڏسڻ گهرجي تہ اهو ڪهڙي شيءِ مان پيدا ڪيو ويو آهي.

خُلِقَ مِنْ مَّآءٍ دَافِقٍ ⑦

٧ـ هو هڪ اچل ڏيئي نڪرندڙ پاڻيءَ مان پيدا ڪيو ويو آهي.

يَّخْرُجُ مِنْۢ بَيْنِ الصُّلْبِ وَالتَّرَآئِبِ ⑧

٨ـ اهو (پاڻي يا انسان) پٺيءَ ۽ سيني (جي هڏن) جي وچمان نڪريٿو.

اِنَّهٗ عَلٰى رَجْعِهٖ لَقَادِرٌ ⑨

٩ـ هو (يعني خدا) انهيءَ کي ٻيهر موٽائڻ تي بہ يقينن قادر آهي.

يَوْمَ تُبْلَى السَّرَآئِرُ ⑩

١٠ـ انهيءَ ڏينهن جڏهين لڪل ڀيد ظاهر ڪيا ويندا.

فَمَا لَهٗ مِنْ قُوَّةٍ وَّلَا نَاصِرٍ ⑪

١١ـ جنهن جي نتيجي ۾ نہ تہ (پنهن جي مٿان مصيبت ٽارڻ جي) ڪا طاقت انهيءَ (انسان) وٽ رهندي ۽ نہ انهيءَ جو ڪو مددگار هوندو.

| | |
|---|---|
| وَالسَّمَآءِ ذَاتِ الرَّجۡعِ ﴿١١﴾ | ١٢. مان شاهديءَ طور انهيءَ ڪڪر کي پيش ڪيانٿو جيڪو مينهن سان پريل بار بار وسي ٿو. |
| وَالۡاَرۡضِ ذَاتِ الصَّدۡعِ ﴿١٢﴾ | ١٣. ۽ انهيءَ زمين کي بہ شاهديءَ طور پيش ڪريان ٿو جيڪا بارش جي نازل ٿيڻ ڪانپوءِ ڦاٽي اوپر اپاري ٿي. |
| اِنَّهٗ لَقَوۡلٌ فَصۡلٌ ﴿١٣﴾ | ١۴. اها شاهدي انهيءَ ڳالهہ تي آهي تہ اهو (قرآن) يقينن قطعي ۽ آخري ڳالهہ آهي. |
| وَّمَا هُوَ بِالۡهَزۡلِ ﴿١٤﴾ | ١٥. ۽ اهو ڪو (بي فائدي ۽) ڪمزور ڪلام نہ آهي. |
| اِنَّهُمۡ يَكِيۡدُوۡنَ كَيۡدًا ﴿١٥﴾ | ١٦. اهي ماٺهو يقينن (انهيءَ قرآن جي خلاف) ڏاڍا داءَ پيچ هڻندا. |
| وَّاَكِيۡدُ كَيۡدًا ﴿١٦﴾ | ١٧. ۽ مان (خدا انهن جي خلاف) ڏاڍيون تدبيرون ڪندس (۽ حق ظاهر ٿي پوندو) |
| فَمَهِّلِ الۡكٰفِرِيۡنَ اَمۡهِلۡهُمۡ رُوَيۡدًا ﴿١٧﴾ | ١٨. پوءِ (اي رسول!) ڪافرن کي مهلت ڏيو (ها) انهن کي ڪجهہ ڏينهن جي اجا مهلت ڏيو (انهيءَ لاءِ تہ جيڪو زور لڳائڻ چاهين لڳائين) |

## سُوۡرَةُ الۡاَعۡلٰى مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ مَعَ الۡبَسۡمَلَةِ عِشۡرُوۡنَ اٰيَةً

سورت اعليٰ - هيءَ سورت مڪي آهي ۽ بسم الله سميت هن جون ويهہ آيتون آهن.

| | |
|---|---|
| بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ﴿١﴾ | ١. (مان) الله جو نالو وٺي جيڪو بيحد ڪرم ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي (پڙهانٿو) |
| سَبِّحِ اسۡمَ رَبِّكَ الۡاَعۡلَى ﴿٢﴾ | ٢. (اي رسول!) پنهن جي بزرگ (۽ برتر) رب جي نالي جو بي عيب هئڻ بيان ڪر. |
| الَّذِيۡ خَلَقَ فَسَوّٰى ﴿٣﴾ | ٣. (اهو) جنهن (انسان کي) پيدا ڪيو ۽ (انهيءَ کي) بي عيب بنايو. |

انهيءَ پنهن جي رب جو نالو بہ ورتو ۽ نماز پڙهندو رهيو.

بَلْ تُؤْثِرُوْنَ الْحَيٰوةَ الدُّنْيَا ﴿١٦﴾

١٧- پر (اي مخالفو!) توهان (ماڻهو) تہ دنيوي زندگي کي (آخرت تي) ترجيح ڏيو ٿا.

وَالْاٰخِرَةُ خَيْرٌ وَّاَبْقٰى ﴿١٧﴾

١٨- حالانڪ آخرت ڪيتري وڌيڪ بهتر ۽ جٽادار آهي.

اِنَّ هٰذَا لَفِى الصُّحُفِ الْاُوْلٰى ﴿١٨﴾

١٩- يقيناً اهائي (ڳالهہ) پهرين صحيفن ۾ بہ (درج) آهي.

صُحُفِ اِبْرٰهِيْمَ وَمُوْسٰى ﴿١٩﴾ ع

٢٠- (يعني) ابراهيم ۽ موسيٰ جي صحيفن ۾.

## سُوْرَةُ الْغَاشِيَةِ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ مَعَ الْبَسْمَلَةِ سَبْعٌ وَّعِشْرُوْنَ اٰيَةً

سورت غاشيہ - هيءَ سورت مڪي آهي ۽ بسم الله سميت انهيءَ جون ستاويهہ آيتون آهن.

---

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ﴿١﴾

١- (مان) الله جو نالو وٺي جيڪو بيحد ڪرم ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي (پڙهان ٿو)

هَلْ اَتٰىكَ حَدِيْثُ الْغَاشِيَةِ ﴿٢﴾

٢- ڇا توکي (دنيا تي) ڇانئجي وڃڻ واري (مصيبت) جي بہ خبر پهتي آهي؟

وُجُوْهٌ يَّوْمَئِذٍ خَاشِعَةٌ ﴿٣﴾

٣- انهيءَ ڏينهن (جڏهين اها مصيبت ڇانئجي ويندي) ڪي منهن لٿل هوندا.

عَامِلَةٌ نَّاصِبَةٌ ﴿٤﴾

٤- (اهي) محنت ڪري رهيا هوندا (۽) ٿڪجي چور ٿي رهيا هوندا.

تَصْلٰى نَارًا حَامِيَةً ﴿٥﴾

٥- (پر انهيءَ محنت مان ڪو فائدو نہ ٿيندو ۽) اها جماعت (بهرحال) هڪ ٻرندڙ باهہ ۾ داخل ٿيندي.

تُسْقٰى مِنْ عَيْنٍ اٰنِيَةٍ ﴿٦﴾

٦- ۽ انهيءَ (سڄي جماعت) کي ٻرندڙ چشمي مان (پاڻي) پياريو ويندو.

لَيْسَ لَهُمْ طَعَامٌ اِلَّا مِنْ ضَرِيْعٍ ۙ﴿٧﴾

٧. انهيءَ کي سڪي ڪنڊن واري گاهه ڪانسواءِ ٻيو ڪوبه کاڌو نه ملندو.

لَّا يُسْمِنُ وَلَا يُغْنِيْ مِنْ جُوْعٍ ۙ﴿٨﴾

٨. جيڪو نه ته انهن کي ٿلهو ڪندو ۽ نه بک (جي تڪليف) کان بچائيندو.

وُجُوْهٌ يَّوْمَىِٕذٍ نَّاعِمَةٌ ۙ﴿٩﴾

٩. ڪجهه (ٻيا) چهرا انهيءَ ڏينهن خوش خورم هوندا.

لِّسَعْيِهَا رَاضِيَةٌ ۙ﴿١٠﴾

١٠. پنهن جن (گذريل) ڪوشش تي مطمئن هوندا.

فِيْ جَنَّةٍ عَالِيَةٍ ۙ﴿١١﴾

١١. بلند (۽ مٿين) جنت ۾ (رهيا پيا) هوندا.

لَّا تَسْمَعُ فِيْهَا لَاغِيَةً ۭ﴿١٢﴾

١٢. اهي انهيءَ ۾ ڪابه بيهودي ڳالهه نه ٻڌندا.

فِيْهَا عَيْنٌ جَارِيَةٌ ۘ﴿١٣﴾ وقف لازم

١٣. انهيءَ ۾ هڪ وهندڙ چشمون هوندو.

فِيْهَا سُرُرٌ مَّرْفُوْعَةٌ ۙ﴿١٤﴾

١٤. (۽) انهيءَ (جنت) ۾ اوچا تخت (به) رکيل هوندا.

وَّاَكْوَابٌ مَّوْضُوْعَةٌ ۙ﴿١٥﴾

١٥. ۽ آبخوارا رکيل هوندا.

وَّنَمَارِقُ مَصْفُوْفَةٌ ۙ﴿١٦﴾

١٦. ۽ ٽيڪ ونڻ وارا ننڍي سائيز جا وهاڻا قطارن ۾ (ٽيڪ لڳائڻ جي لاءِ) رکيل هوندا.

وَّزَرَابِيُّ مَبْثُوْثَةٌ ۭ﴿١٧﴾

١٧. ۽ غاليچا وڇايل هوندا.

اَفَلَا يَنْظُرُوْنَ اِلَى الْاِبِلِ كَيْفَ خُلِقَتْ ۫﴿١٨﴾

١٨. ڇا اهي ڪڪرن کي نٿا ڏسن ته اهي ڪهڙي طرح پيدا ڪيا ويا آهن.

وَاِلَى السَّمَاۗءِ كَيْفَ رُفِعَتْ ۫﴿١٩﴾

١٩. ۽ آسمان کي (نٿا ڏسن ته) ڪهڙيءَ طرح بلند ڪيو ويو آهي.

وَاِلَى الْجِبَالِ كَيْفَ نُصِبَتْ ۫﴿٢٠﴾

٢٠. ۽ جبلن کي (نٿا ڏسن) ته ڪهڙيءَ طرح کپايا ويا آهن.

وَاِلَى الْاَرْضِ كَيْفَ سُطِحَتْ ۫﴿٢١﴾

٢١. ۽ زمين کي (نٿا ڏسن) ته ڪهڙيءَ طرح هموار ڪيل آهي.

فَذَكِّرْ ڐ اِنَّمَآ اَنْتَ مُذَكِّرٌ ۭ﴿٢٢﴾

٢٢. پوءِ نصيحت ڪر جو تون ته صرف

نصيحت ڪرڻ وارو آهين.

لَسۡتَ عَلَيۡهِم بِمُصَيۡطِرٍ ۝٢٢
٢٣. تون انهن (ماڻهن) تي داروغي (جي طور تي) مقرر نہ آهين.

إِلَّا مَن تَوَلَّىٰ وَكَفَرَ ۝٢٣
٢٤. پر جنهن پٺي ڦيري ورتي ۽ ڪفر جو مرتڪب ٿيو.

فَيُعَذِّبُهُ ٱللَّهُ ٱلۡعَذَابَ ٱلۡأَكۡبَرَ ۝٢٤
٢٥. انهيءَ جي نتيجي ۾ الله انهيءَ کي سڀ کان وڏو عذاب ڏيندو.

إِنَّ إِلَيۡنَآ إِيَابَهُمۡ ۝٢٥
٢٦. يقينن انهن کي اسان ڏانهن ئي موٽڻو آهي.

ثُمَّ إِنَّ عَلَيۡنَا حِسَابَهُم ۝٢٦
٢٧. پوءِ انهن کان حساب وٺڻ بہ يقينن اسانجوئي ڪم آهي.

سُوْرَةُ الْفَجْرِ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ مَعَ الْبَسْمَلَةِ اِحْدٰى وَ ثَلٰثُوْنَ اٰيَةً

سورت فجر - هيءَ سورت مڪي آهي ۽ بسم الله سميت هن جون ايڪٽيهہ آيتون آهن.

بِسۡمِ ٱللَّهِ ٱلرَّحۡمَٰنِ ٱلرَّحِيمِ ۝١
١. (مان) الله جو نالو وٺي جيڪو بيحد ڪرم ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي (پڙهانٿو)

وَٱلۡفَجۡرِ ۝٢
٢. مان شاهديءَ طور هڪ اچڻ واري فجر کي پيش ڪيانٿو.

وَلَيَالٍ عَشۡرٖ ۝٣
٣. ۽ ڏهن راتين کي بہ

وَٱلشَّفۡعِ وَٱلۡوَتۡرِ ۝٤
٤. ۽ هڪ ٻڌيءَ کي ۽ اڪيءَ کي.

وَٱلَّيۡلِ إِذَا يَسۡرِ ۝٥
٥. ۽ (مٿي ذڪر ڪيل ڏهن راتين کانپوءِ اچڻ واري) رات کي جڏهين اها هلي وڃي.

هَلۡ فِي ذَٰلِكَ قَسَمٞ لِّذِي حِجۡرٍ ۝٦
٦. ڇا انهيءَ ۾ عقلمند جي لاءِ ڪو قسم (يعني شاهدي) آهي (يا ڪانهي؟)

أَلَمۡ تَرَ كَيۡفَ فَعَلَ رَبُّكَ بِعَادٍ ۝٧
٧. ڇا توکي معلوم آهي تہ تنهن جي رب عاد سان ڪهڙو (معاملو) ڪيو.

إِرَمَ ذَاتِ الْعِمَادِ ۝٨

٨- يعني (عاد) ارم سان جيڪي وڏين عمارتن وارا هئا.

الَّتِي لَمْ يُخْلَقْ مِثْلُهَا فِي الْبِلَادِ ۝٩

٩- اهي ماڻهو جن جي مثال ڪابه قوم انهن ملڪن ۾ پيدا ئي نه ڪئي وئي هئي.

وَثَمُودَ الَّذِينَ جَابُوا الصَّخْرَ بِالْوَادِ ۝١٠

١٠- ۽ (ڇا) ثمود (جي متعلق به توکي خبرون آهن) جيڪي وادين ۾ کوٽي (پنهن جا گهر) ٺاهيندا هئا.

وَفِرْعَوْنَ ذِي الْأَوْتَادِ ۝١١

١١- ۽ فرعون (جي متعلق به توکي ڪجهه خبر آهي) جو جبلن جو مالڪ هو.

الَّذِينَ طَغَوْا فِي الْبِلَادِ ۝١٢

١٢- اهي (جبل) جن شهرن ۾ سخت فساد ڪري رکيو هو.

فَأَكْثَرُوا فِيهَا الْفَسَادَ ۝١٣

١٣- ۽ فساد ۾ وڌندائي ٿي ويا.

فَصَبَّ عَلَيْهِمْ رَبُّكَ سَوْطَ عَذَابٍ ۝١٤

١٤- جنهن تي تنهن جي رب انهن تي عذاب جا ڪوڙا وسايا.

إِنَّ رَبَّكَ لَبِالْمِرْصَادِ ۝١٥

١٥- تنهن جو رب يقينن تاڙ ۾ (لڪل) آهي.

فَأَمَّا الْإِنْسَانُ إِذَا مَا ابْتَلَاهُ رَبُّهُ فَأَكْرَمَهُ وَنَعَّمَهُ فَيَقُولُ رَبِّي أَكْرَمَنِ ۝١٦

١٦- پوءِ (ٿورو ڏسو ته) انسان جي حالت جو جڏهين انهيءَ رب انهيءَ کي آزمائش ۾ وجهي ٿو ۽ انهيءَ جي عزت ڪري ٿو ۽ انهيءَ تي نعمت نازل ڪري ٿو ته اهو چويٿو ته (مان اهڙو شان وارو آهيان جو) منهن جي رب منهن جي عزت ڪئي.

وَأَمَّا إِذَا مَا ابْتَلَاهُ فَقَدَرَ عَلَيْهِ رِزْقَهُ فَيَقُولُ رَبِّي أَهَانَنِ ۝١٧

١٧- ۽ جڏهين (خدا) ڪيس آزمائش ۾ وجهي ٿو ۽ سندس رزق کي تنگ ڪري ٿو ته هو چوي ٿو. منهنجي رب (بنان سبب) منهنجي بي عزتي ڪئي.

كَلَّا بَل لَّا تُكْرِمُونَ الْيَتِيمَ ۝١٨

١٨- (خدا بنان سبب جي سزا نٿو ڏئي) بلڪ (قصور توهانجو پنهن جو آهي جو) توهان يتيم جي عزت نه ڪندا هئا..

وَلَا تَحٰٓضُّوْنَ عَلٰى طَعَامِ الْمِسْكِيْنِ ۝١٩

١٩. ۽ نه مسڪين کي کاڌي کارائڻ جي هڪ ٻئي کي رغبت ڏياريندا هئا.

وَتَاْكُلُوْنَ التُّرَاثَ اَكْلًا لَّمًّا ۝٢٠

٢٠. ۽ ورثي جو سمورو مال (عيش ۾) اڏائي ڇڏيندا هئا.

وَّتُحِبُّوْنَ الْمَالَ حُبًّا جَمًّا ۝٢١

٢١. ۽ توهان مال سان بي انتها محبت ڪندا هئا.

كَلَّآ اِذَا دُكَّتِ الْاَرْضُ دَكًّا دَكًّا ۝٢٢

٢٢. ٻڌو! جڏهين زمين کي ٽڪرا ٽڪرا ڪيو ويندو.

وَّجَآءَ رَبُّكَ وَالْمَلَكُ صَفًّا صَفًّا ۝٢٣

٢٣. ۽ تنهن جو رب اهڙي شان سان ايندو جو فرشتا صفون ٻڌيو بيٺا هوندا.

وَجِايْٓءَ يَوْمَئِذٍۢ بِجَهَنَّمَ ۙ يَوْمَئِذٍ يَّتَذَكَّرُ الْاِنْسَانُ وَاَنّٰى لَهُ الذِّكْرٰى ۝٢٤

٢٤. ۽ انهيءَ ڏينهن جهنم (ويجهو) آندو ويندو - انهيءَ عذاب جي وقت انسان چاهيندو ته نصيحت حاصل ڪري پر اهو وقت نصيحت ڪان پورو فائدو حاصل ڪرڻ جو نه هوندو.

يَقُوْلُ يٰلَيْتَنِيْ قَدَّمْتُ لِحَيَاتِيْ ۝٢٥

٢٥. چوندو، ڪاش مان پنهن جي (هن) زندگيءَ جي لاءِ ڪجهه اڳتي موڪليان ها.

فَيَوْمَئِذٍ لَّا يُعَذِّبُ عَذَابَهٗٓ اَحَدٌ ۝٢٦

٢٦. پوءِ انهيءَ ڏينهن خدا جي عذاب جهڙو انهيءَ کي ڪوبه عذاب نه ڏيندو.

وَّلَا يُوْثِقُ وَثَاقَهٗٓ اَحَدٌ ۝٢٧

٢٧. ۽ نه انهيءَ جي پڪڙ جهڙي ڪو ٻيو پڪڙ ڪندو.

يٰٓاَيَّتُهَا النَّفْسُ الْمُطْمَئِنَّةُ ۝٢٨

٢٨. اي نفس مطمئنه!

ارْجِعِيْٓ اِلٰى رَبِّكِ رَاضِيَةً مَّرْضِيَّةً ۝٢٩

٢٩. پنهن جي رب ڏانهن موٽي اچ (انهيءَ حال ۾ جو تون انهيءَ کي) پسند ڪرڻ وارو به آهين ۽ انهيءَ جو پسند ڪيل به.

فَادْخُلِيْ فِيْ عِبٰدِيْ ۝٣٠

٣٠. پوءِ (تنهن جو رب توکي چويٿو ته) اچ منهن جي (خاص) ٻانهن ۾ داخل ٿي وڃ.

وَادْخُلِيْ جَنَّتِيْ ۝٣١ ع

٣١. ۽ (اچ) منهن جي جنت ۾ به داخل ٿي وڃ.

## سُوْرَةُ الْبَلَدِ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ مَعَ الْبَسْمَلَةِ اِحْدٰى وَ عِشْرُوْنَ اٰيَةً

سورت بلد ـ هيءَ سورت مڪي آهي ۽ بسم الله سميت هن جون ايڪيهہ آيتون آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۝١

١ـ (مان) الله جو نالو وٺي جيڪو بيحد ڪرم ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي (پڙهانٿو)

لَآ اُقْسِمُ بِهٰذَا الْبَلَدِ ۝٢

٢ـ ٻڌو! توهانجي ڳالهہ غلط آهي مان هن شهر (مڪي) کي تنهن جي سچائي طور پيش ڪيان ٿو.

وَاَنْتَ حِلٌّۢ بِهٰذَا الْبَلَدِ ۝٣

٣ـ ۽ (چوانٿو تہ اي محمد) تون (هڪ ڏينهن) وري هن شهر (مڪي) ۾ واپس اچڻو آهين.

وَوَالِدٍ وَّمَا وَلَدَ ۝٤

۴ـ ۽ پيءُ کي بہ ۽ پٽ کي بہ (شاهديءَ طور پيش ڪيان ٿو)

لَقَدْ خَلَقْنَا الْاِنْسَانَ فِيْ كَبَدٍ ۝٥

٥ـ اسان يقيناً انسان کي محنت جي تابع بنايو آهي.

اَيَحْسَبُ اَنْ لَّنْ يَّقْدِرَ عَلَيْهِ اَحَدٌ ۝٦

٦ـ ڇا هو گمان ڪري ٿو تہ انهيءَ تي ڪنهن جو زور نہ هلندو.

يَقُوْلُ اَهْلَكْتُ مَالًا لُّبَدًا ۝٧

۷ـ هو چوي ٿو تہ مون تہ مال جا ڍير لٽائي ڇڏيا آهن.

اَيَحْسَبُ اَنْ لَّمْ يَرَهٗٓ اَحَدٌ ۝٨

٨ـ ڇا هو سمجهي ٿو تہ انهيءَ کي ڪوبہ ڏسڻ وارو نہ آهي.

اَلَمْ نَجْعَلْ لَّهٗ عَيْنَيْنِ ۝٩

٩ـ ڇا اسان انهيءَ لاءِ بہ اکيون پيدا نہ ڪيون ؟

وَلِسَانًا وَّشَفَتَيْنِ ۝١٠

١٠ـ ۽ زبان بہ ۽ ٻہ چپ بہ (پيدا نہ ڪيا؟)

وَهَدَيْنٰهُ النَّجْدَيْنِ ۝١١

١١ـ پوءِ اسان انهيءَ کي (هدايت ۽ گمراهيءَ جا) ٻئي رستا ٻڌائي ڇڏيا آهن.

| | |
|---|---|
| | ڪانئوءِ اوچو ٿي ويندو آهي. |
| وَالْقَمَرِ اِذَا تَلٰهَا ۝٢ | ٣- ۽ چنڊ جي جڏهن اهو صبح جي پويان ايندو آهي. |
| وَالنَّهَارِ اِذَا جَلّٰهَا ۝٣ | ٤- ۽ ڏينهن جي (بہ شاهديءَ طور پيش ڪيانٿو) جڏهن اهو (سج) کي ظاهر ڪري ڇڏي ٿو. |
| وَالَّيْلِ اِذَا يَغْشٰهَا ۝٤ | ٥- ۽ رات جي بہ (شاهديءَ طور پيش ڪيانٿو) جڏهن اها انهيءَ (سج) جي روشنيءَ کي اکين کان ڍڪي ڇڏي ٿي. |
| وَالسَّمَآءِ وَمَا بَنٰهَا ۝٥ | ٦- ۽ آسمان جي ۽ انهيءَ جي بناوٽ جي بہ |
| وَالْاَرْضِ وَمَا طَحٰهَا ۝٦ | ٧- ۽ زمين جي بہ ۽ انهيءَ جي وڇائي ڇڏڻ جي بہ (شاهديءَ طور پيش ڪيان ٿو) |
| وَنَفْسٍ وَّمَا سَوّٰىهَا ۝٧ | ٨- ۽ انساني نفس جي بہ ۽ انهيءَ جي بي عيب بناوٽ ڇڏڻ جي بہ (شاهديءَ طور پيش ڪيان ٿو) |
| فَاَلْهَمَهَا فُجُوْرَهَا وَتَقْوٰىهَا ۝٨ | ٩- جو انهيءَ (الله) نفس تي انهيءَ جي بدڪاري (جي راهن جي بہ) ۽ انهيءَ جي تقويٰ (جي رستن) جي بہ چڱيءَ طرح کولي ڇڏيو آهي. |
| قَدْ اَفْلَحَ مَنْ زَكّٰىهَا ۝٩ | ١٠- پوءِ جنهن انهيءَ (نفس) کي پاڪ ڪيو اهو تہ (سمجهو تہ) پنهنجي مقصد کي حاصل ڪري چڪو. |
| وَقَدْ خَابَ مَنْ دَسّٰىهَا ۝١٠ | ١١- ۽ جنهن انهيءَ کي (مٽيءَ ۾) پوري ڇڏيو (سمجهو تہ) اهو نامراد ٿي ويو. |
| كَذَّبَتْ ثَمُوْدُ بِطَغْوٰىهَا ۝١١ | ١٢- ثمود پنهنجي حد کان وڌيل سرڪشيءَ جي سببان (زماني جي نبيءَ کي) ڪوڙو ڪيو. |
| اِذِ انْۢبَعَثَ اَشْقٰىهَا ۝١٢ | ١٣- انهيءَ وقت جڏهن انهيءَ جي قوم مان سڀ کان وڏو بدبخت انهيءَ (زماني جي |

نبيءَ) جي مخالفت جي لاءِ ڪڙو ٿيو.

فَقَالَ لَهُمْ رَسُوْلُ اللّٰهِ نَاقَةَ اللّٰهِ وَسُقْيٰهَا ⑬

١٤. تنهن تي انهيءَ (يعني ثمود جي قوم) کي الله جي رسول (صالح) چيو ته الله جي لاءِ وقف ٿيل ڏاچيءَ کان بچندا رهو ۽ اهڙيءَ طرح انهيءَ جي پاڻي پيارڻ جي معاملي ۾ به هر قسم جي سرڪشيءَ کان باز اچو.

فَكَذَّبُوْهُ فَعَقَرُوْهَا ۙ فَدَمْدَمَ عَلَيْهِمْ رَبُّهُمْ بِذَنْۢبِهِمْ فَسَوّٰىهَا ⑭

١٥. پر انهن انهيءَ (نبيءَ) جي ڳالهه نه مڃي بلڪ انهيءَ کي ڪوڙو ڪري ڇڏيو ۽ (اها) ڏاچي (جنهن کان بچي رهڻ جو انهن کي حڪم ڏنو ويو هو انهيءَ) جون ڪچون ڪپي ڇڏيائون جنهن جي سبب الله انهن کي خاڪ ۾ ملائڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو ۽ اهڙيون تدبيرون ڪيون جو ائين ٿي به ويو.

وَلَا يَخَافُ عُقْبٰهَا ⑮ ع

١٦. ۽ هو (اهڙيءَ طرح) انهن (مڪي وارن) جي پڇاڙيءَ جي به پرواهه نه ڪندو.

## سُوْرَةُ الَّيْلِ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ مَعَ الْبَسْمَلَةِ اثْنَتَانِ وَعِشْرُوْنَ اٰيَةً

سورت ليل - هيءَ سورت مڪي آهي ۽ بسم الله سميت هن جون ٻاويهه آيتون آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ①

١. (مان) الله جو نالو وٺي جيڪو بيحد ڪرم ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي (پڙهانٿو)

وَالَّيْلِ اِذَا يَغْشٰى ②

٢. مان رات کي شاهديءَ طور پيش ڪيان ٿو جڏهين اها ڍڪي ڇڏي.

وَالنَّهَارِ اِذَا تَجَلّٰى ③

٣. ۽ ڏينهن کي به (مان شاهديءَ طور پيش ڪيان ٿو) جڏهن اهو چڱيءَ طرح روشن ٿي وڃي.

وَمَا خَلَقَ الذَّكَرَ وَالْاُنْثٰىٓ ④

٤. ۽ نر ۽ ماديءَ جي پيدائش کي به (شاهديءَ طور پيش ڪيان ٿو)

إِنَّ سَعْيَكُمْ لَشَتَّىٰ ۝٥

۵۔ تہ توهانجون ڪوششون يقينن مختلف آهن.

فَأَمَّا مَنْ أَعْطَىٰ وَاتَّقَىٰ ۝٦

٦۔ پوءِ جنهن (خدا جي راهہ ۾) ڏنو ۽ تقويٰ اختيار ڪئي.

وَصَدَّقَ بِالْحُسْنَىٰ ۝٧

۷۔ ۽ نيڪ ڳالهہ جي تصديق ڪئي.

فَسَنُيَسِّرُهُ لِلْيُسْرَىٰ ۝٨

۸۔ انهيءَ ڪي تہ اسان ضرور آساني (جا موقعا) مهيا ڪنداسين.

وَأَمَّا مَنْ بَخِلَ وَاسْتَغْنَىٰ ۝٩

۹۔ ۽ اهڙو (شخص) جنهن بخل کان ڪم ورتو ۽ بي پرواهيءَ جو اظهار ڪيو.

وَكَذَّبَ بِالْحُسْنَىٰ ۝١٠

۱۰۔ ۽ نيڪ ڳالهہ کي ڪوڙو ڪيو.

فَسَنُيَسِّرُهُ لِلْعُسْرَىٰ ۝١١

۱۱۔ انهيءَ کي تڪليف (جو سامان) مهيا ڪنداسين.

وَمَا يُغْنِي عَنْهُ مَالُهُ إِذَا تَرَدَّىٰ ۝١٢

۱۲۔ ۽ جڏهين هو تباهہ ٿيندو تہ انهيءَ جو مال انهيءَ کي ڪوبہ فائدو نہ پهچائيندو.

إِنَّ عَلَيْنَا لَلْهُدَىٰ ۝١٣

۱۳۔ هدايت ڏيڻ يقينن اسانجي ٿي ذمي آهي.

وَإِنَّ لَنَا لَلْآخِرَةَ وَالْأُولَىٰ ۝١٤

۱۴۔ ۽ هر ڳالهہ جي انتها ۽ ابتدا بہ يقينن اسانجي ئي اختيار ۾ آهي.

فَأَنْذَرْتُكُمْ نَارًا تَلَظَّىٰ ۝١٥

۱۵۔ پوءِ (ياد رکو تہ) مون (تہ) توهانکي هڪ ڀڙڪندڙ باهہ کان هوشيار ڪري ڇڏيو آهي.

لَا يَصْلَاهَا إِلَّا الْأَشْقَى ۝١٦

۱۶۔ انهيءَ ۾ سواءِ ڪنهن وڏي بدبخت جي ڪوبہ داخل نہ ٿيندو.

الَّذِي كَذَّبَ وَتَوَلَّىٰ ۝١٧

۱۷۔ (اهڙو بدبخت) جنهن (حق کي) ڪوڙو ڪيو ۽ (سچ کان) منهن ڦيري ڇڏيو.

وَسَيُجَنَّبُهَا الْأَتْقَى ۝١٨

۱۸۔ ۽ جيڪو وڏو متقي هوندو اهو ضرور انهيءَ کان پري رکيو ويندو.

الَّذِي يُؤْتِي مَالَهُ يَتَزَكَّىٰ ۝١٩

۱۹۔ (اهڙو متقي) جيڪو پنهن جو مال (انهيءَ ڪري خدا جي راهہ ۾) ڏني ٿو تہ (انهيءَ مان) پاڪائي حاصل ڪري.

| | |
|---|---|
| وَمَا لِاَحَدٍ عِنْدَهٗ مِنْ نِّعْمَةٍ تُجْزٰۤى ﴿۲۰﴾ | ٢٠۔ ۽ ڪنهن جو انهيءَ تي ڪوبہ احسان نٿو ٿئي جنهن جو بدلو لاهڻ جو انهيءَ کي خيال ٿئي. |
| اِلَّا ابْتِغَآءَ وَجْهِ رَبِّهِ الْاَعْلٰى ﴿۲۱﴾ | ٢١۔ ها پر پنهن جي عاليشان رب جي خوشنودي حاصل ڪرڻ (هن جو مقصد هوندو آهي) |
| وَلَسَوْفَ يَرْضٰى ﴿۲۲﴾ | ٢٢۔ ۽ اهو (خدا) ضرور انهيءَ کان راضي ٿي ويندو. |

## سُوْرَةُ الضُّحٰى مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ مَعَ الْبَسْمَلَةِ اِثْنَتَا عَشَرَةَ اٰيَةً

سورت ضحي - هيءَ سورت مڪي آهي ۽ بسم الله سميت هن جون ٻارنهن آيتون آهن.

| | |
|---|---|
| بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ﴿۱﴾ | ١۔ (مان) الله جو نالو وني جيڪو بيحد ڪرم ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي (پڙهانٿو) |
| وَالضُّحٰى ﴿۲﴾ | ٢۔ مان ڏينهن کي شاهديءَ طور پيش ڪيانٿو - جڏهن اهو روشن ٿي وڃي. |
| وَالَّيْلِ اِذَا سَجٰى ﴿۳﴾ | ٣۔ ۽ رات کي (شاهديءَ طور پيش ڪيانٿو) جڏهن انهيءَ جي اونداهي چوطرف پکڙجي وڃي. |
| مَا وَدَّعَكَ رَبُّكَ وَمَا قَلٰى ﴿۴﴾ | ٤۔ ۽ نہ تنهن جي رب توکي ترڪ ڪيو آهي ۽ نہ توکان ناراض ٿيو آهي. |
| وَلَلْاٰخِرَةُ خَيْرٌ لَّكَ مِنَ الْاُوْلٰى ﴿۵﴾ | ٥۔ ۽ (ڏسن تہ سهي تہ) تنهن جي هر پويان اچڻ واري گهڙي پهرينءَ کان بهتر هوندي آهي. |
| وَلَسَوْفَ يُعْطِيْكَ رَبُّكَ فَتَرْضٰى ﴿۶﴾ | ٦۔ ۽ ضرور تنهن جو رب توکي (اهو ڪجهہ) ڏيندو جنهن مان تون خوش ٿي ويندين. |
| اَلَمْ يَجِدْكَ يَتِيْمًا فَاٰوٰى ﴿۷﴾ | ٧۔ ڇا (هن زندگيءَ ۾ انهي جو سلوڪ توسان غير معمولي نہ رهيو آهي ۽) انهيءَ توکي |

يتيم سمجهي (پنهن جي چانو ۾) جڳهہ نہ ڏني آهي.

وَوَجَدَكَ ضَآلًّا فَهَدٰى ﴿٨﴾
٨. ۽ (جڏهين) انهيءَ توکي (پنهن جي قوم جي محبت ۾) سرشار ڏٺو تہ (انهن جي اصلاح جو) صحيح رستو توکي ٻڌائي ڇڏيو.

وَوَجَدَكَ عَآئِلًا فَأَغْنٰى ﴿٩﴾
٩. ۽ جڏهين توکي وڏي عيال وارو ڏٺو تہ (پنهن جي فضل سان) آسودو ڪري ڇڏيو.

فَأَمَّا الْيَتِيْمَ فَلَا تَقْهَرْ ﴿١٠﴾
١٠. پوءِ (انهن احسانن جي نتيجي ۾) تون بہ يتيمن کي مٺاهون ڪرڻ ۾ لڳو رهہ.

وَأَمَّا السَّآئِلَ فَلَا تَنْهَرْ ﴿١١﴾
١١. ۽ سوالي کي تون ڇڙٻ نہ ڏي.

وَأَمَّا بِنِعْمَةِ رَبِّكَ فَحَدِّثْ ﴿١٢﴾ ع ١٨
١٢. ۽ تون پنهن جي رب جي نعمت جو ضرور اظهار ڪندو رهہ.

## سُوْرَةُ الَمْ نَشْرَحْ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ مَعَ الْبَسْمَلَةِ تِسْعُ اٰيٰتٍ

سورت الم نشرح ـ هيءَ سورت مڪي آهي ۽ بسم الله سميت هن جون نو آيتون آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ﴿١﴾
١. (مان) الله جو نالو وٺي جيڪو بيحد ڪرم ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي (پڙهانٿو)

اَلَمْ نَشْرَحْ لَكَ صَدْرَكَ ﴿٢﴾
٢. ڇا اسان تنهن جي لاءِ تنهن جي سيني کي کولي نہ ڇڏيو.

وَوَضَعْنَا عَنْكَ وِزْرَكَ ﴿٣﴾
٣. ۽ تنهن جي انهيءَ بوجهي کي توتان لاهي اڇلائي نہ ڇڏيو.

الَّذِيْٓ اَنْقَضَ ظَهْرَكَ ﴿٤﴾
٤. اهڙو جو جنهن تنهن جي چيلهہ ڀڃي وڌي هئي.

وَرَفَعْنَا لَكَ ذِكْرَكَ ﴿٥﴾
٥. ۽ تنهن جي ذڪر کي بہ اسان بلند ڪري ڇڏيو آهي.

فَإِنَّ مَعَ الْعُسْرِ يُسْرًا ﴿٦﴾
٦. پوءِ (ياد رک تہ) انهيءَ تنگيءَ سان گڏ هڪ وڏي ڪاميابي مقدر آهي

اِنَّ مَعَ الْعُسْرِ يُسْرًاؕ۝۷

۷۔ (ها) يقينن انهيءَ تنگيءَ سان هڪ (ٻي ٻـہ) وڏي ڪاميابي (مقدر) آهي.

فَاِذَا فَرَغْتَ فَانْصَبْۙ۝۸

۸۔ پوءِ جڏهين (ٻـہ) تون فارغ هجين تـہ (خدا تعاليٰ سان ملڻ جي لاءِ) وري ڪوشش ۾ لڳي وڃ.

وَاِلٰى رَبِّكَ فَارْغَبْ۝۹ ع ۹ ۱۹

۹۔ ۽ تون پنهن جي رب طرف متوجہ ٿيءُ.

## سُوْرَةُ التِّيْنِ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ مَعَ الْبَسْمَلَةِ تِسْعُ اٰيَاتٍ

سورت تين ۔ هيءَ سورت مڪي آهي ۽ بسم الله سميت هن جون نو آيتون آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ۝۱

۱۔ (مان) الله جو نالو وٺي جيڪو بيحد ڪرم ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي (پڙهانٿو)

وَالتِّيْنِ وَالزَّيْتُوْنِۙ۝۲

۲۔ مان انجير کي ۽ زيتون کي شاهديءَ طور پيش ڪيانٿو.

وَطُوْرِ سِيْنِيْنَۙ۝۳

۳۔ ۽ اهڙيءَ طرح سينين جي جبل کي

وَهٰذَا الْبَلَدِ الْاَمِيْنِۙ۝۴

۴۔ ۽ انهي امن واري شهر (مڪي) کي بہ

لَقَدْ خَلَقْنَا الْاِنْسَانَ فِيْٓ اَحْسَنِ تَقْوِيْمٍ۝۵

۵۔ (اهي سڀئي شاهديون ثابت ڪن ٿيون تہ) يقينن انسان کي نهايت سهڻي حالت ۾ پيدا ڪيو آهي.

ثُمَّ رَدَدْنٰهُ اَسْفَلَ سٰفِلِيْنَۙ۝۶

۶۔ پوءِ اسان انهيءَ کي هيناهين درجن کان بدتر درجي ڏانهن موٽائي ڇڏيو.

اِلَّا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ فَلَهُمْ اَجْرٌ غَيْرُ مَمْنُوْنٍؕ۝۷

۷۔ سواءِ انهن ماڻهن جي جن ايمان آندو ۽ جن حال سارو عمل ڪيا سو انهن جي لاءِ هڪ نہ ختم ٿيڻ وارو نيڪ بدلو هوندو.

فَمَا يُكَذِّبُكَ بَعْدُ بِالدِّيْنِؕ۝۸

۸۔ پوءِ انهيءَ (حقيقت جي کلي وڃڻ) کانپوءِ ڪهڙي شيءِ توکي جزا سزا جي معاملي ۾ ڪوڙو ڪري ٿي.

اَلَيْسَ اللّٰهُ بِاَحْكَمِ الْحٰكِمِيْنَ۝٨ ع

٩. ڇا (هاڻي بہ ڪو خيال ڪري سگهي ٿو تہ) الله سڀني حاڪمن کان وڏو حاڪم آهي؟

سُوْرَةُ الْعَلَقِ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ مَعَ الْبَسْمَلَةِ عِشْرُوْنَ اٰيَةً

سورت علق - هيءَ سورت مڪي آهي ۽ بسم الله سميت هن جون ويهہ آيتون آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ۝١

١. (مان) الله جو نالو وٺي جيڪو بيحد ڪرم ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي (پڙهانٿو)

اِقْرَاْ بِاسْمِ رَبِّكَ الَّذِیْ خَلَقَ۝٢

٢. پنهنجي رب جو نالو وٺي پڙهہ جنهن (سڀني شين کي) پيدا ڪيو.

خَلَقَ الْاِنْسَانَ مِنْ عَلَقٍ۝٣

٣. (۽ جنهن) انسان کي رت جي دڳ مان پيدا ڪيو.

اِقْرَاْ وَرَبُّكَ الْاَكْرَمُ۝٤

٤. (وري اسان چئون ٿا تہ قرآن کي) پڙهي ٻڌائيندو رهہ، ڇو جو تنهنجو رب وڏو ڪريم آهي.

الَّذِیْ عَلَّمَ بِالْقَلَمِ۝٥

٥. اهو رب جنهن قلم سان علم سيکاريو (آهي ۽ آئيندي بہ سيکاريندو)

عَلَّمَ الْاِنْسَانَ مَا لَمْ يَعْلَمْ۝٦

٦. انهيءَ انسان کي (اهو ڪجهہ) سيکاريو آهي جيڪو هو پهرين نہ ڄاڻندو هو.

كَلَّاۤ اِنَّ الْاِنْسَانَ لَيَطْغٰۤى۝٧

٧. (جيئن اهي خيال ڪن ٿا اهڙيءَ طرح) نہ بلڪ انسان يقينن حد کان ٽپي رهيو آهي -

اَنْ رَّاٰهُ اسْتَغْنٰى۝٨

٨. اهڙيءَ طرح جو اهو پنهنجي پاڻ کي (خدا جي فضل کان) بي پرواهہ سمجهي ٿو.

اِنَّ اِلٰى رَبِّكَ الرُّجْعٰى۝٩

٩. حقيقت اها آهي تہ تنهنجي رب جي طرف ئي موٽي وڃڻو آهي.

اَرَءَيْتَ الَّذِیْ يَنْهٰى۝١٠

١٠. ١١. (اي مخاطب!) تون (مونکي)

عَبْدًا اِذَا صَلّٰى ⑪

انهيءَ (شخص) جي (حالت جي) خبر ڏي جيڪو هڪ (عبادت گذار) ٻانهي کي جڏهن هو نماز ۾ مشغول هوندو آهي (نماز کان) روڪيندو آهي.

اَرَءَيْتَ اِنْ كَانَ عَلَى الْهُدٰٓى ⑫

١٢. (اي مخاطب) تون (مونکي) ٻڌاءِ ته ڀلا جيڪڏهن اهو (نماز پڙهڻ وارو ٻانهون) هدايت تي هجي.

اَوْ اَمَرَ بِالتَّقْوٰى ⑬

١٣. يا تقويٰ جو حڪم ڏيندو هجي.

اَرَءَيْتَ اِنْ كَذَّبَ وَتَوَلّٰى ⑭

١٤. ۽ انهيءَ کي روڪڻ وارو (هدايت جو) منڪر هجي ۽ (انهيءَ کان) منهن موڙي ٿو (ته پوءِ انهيءَ روڪڻ واري جي ڪهڙي ٻڇاڙي ٿيندي)

اَلَمْ يَعْلَمْ بِاَنَّ اللّٰهَ يَرٰى ⑮

١٥. ڇا اهو (ايترو به) نٿو ڄاڻي ته الله هر شيءِ کي ڄاڻي ٿو (تنهنڪري اهو ڪن ڪولي ٻڌي ته اهو غلطي ڪري رهيو آهي)

كَلَّا لَىِٕنْ لَّمْ يَنْتَهِ ۙ لَنَسْفَعًا بِالنَّاصِيَةِ ⑯

١٦. جهڙيءَ طرح اهو چاهي ٿو اهڙيءَ طرح نه ٿيندو بلڪ جيڪڏهن اهو (پنهن جي انهيءَ ڪم کان) باز نه آيو ته اسان انهيءَ جي پيشانيءَ جا وار پڪڙي زور سان گهليندا سين.

نَاصِيَةٍ كَاذِبَةٍ خَاطِئَةٍ ⑰

١٧. اهڙي پيشاني جي چوٽي جيڪا ڪوڙي آهي ۽ اها خطاڪار به آهي.

فَلْيَدْعُ نَادِيَهٗ ⑱

١٨. پوءِ (ڪافر کي) گهرجي ته هو پنهن جي مجلس کي سڏي.

سَنَدْعُ الزَّبَانِيَةَ ⑲

١٩. اسان به پنهن جي پوليس کي سڏينداسين.

كَلَّا ۭ لَا تُطِعْهُ وَاسْجُدْ وَاقْتَرِبْ ⑳ السجدة ۩ ع

٢٠. دشمن جي مرضيءَ جي مطابق معاملو نه ٿيندو (پوءِ اي نبي!) تون اهڙي (قسم جي ڪافر) جي اطاعت نه ڪر ۽ (صرف

پنهن جي رب جي حضور ۾) سجدو ڪر ۽ (انهيءَ سجدي جي نتيجي ۾ پنهن جي رب جي) ويجهو ٿيندو وڃ.

## سُوْرَةُ الْقَدْرِ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ مَعَ الْبَسْمَلَةِ سِتُّ اٰيَاتٍ

سورت قدر - هيءَ سورت مڪي آهي ۽ بسم الله سميت هن جون ڇهه آيتون آهن.

---

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ①

١- (مان) الله جو نالو وٺي جيڪو بيحد ڪرم ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي (پڙهانٿو)

اِنَّآ اَنْزَلْنٰهُ فِيْ لَيْلَةِ الْقَدْرِ ②

٢- اسان يقيناً هن (قرآن) کي هڪ (عظيم الشان) تقدير واري رات ۾ لاٿو آهي.

وَمَآ اَدْرٰىكَ مَا لَيْلَةُ الْقَدْرِ ③

٣- ۽ (اي مخاطب!) توکي ڇا معلوم آهي تہ (هي عظيم الشان) رات جنهن ۾ تقديرون لهن ٿيون ڪهڙي شيءِ آهي.

لَيْلَةُ الْقَدْرِ ۙ خَيْرٌ مِّنْ اَلْفِ شَهْرٍ ④

٤- اها (عظيم الشان) تقديرن واري رات تہ هزار مهينن کان بہ بهتر آهي.

تَنَزَّلُ الْمَلٰٓئِكَةُ وَالرُّوْحُ فِيْهَا بِاِذْنِ رَبِّهِمْ ۚ مِنْ كُلِّ اَمْرٍ ⑤

٥- (هر قسم جا) فرشتا ۽ (ڪامل) روح انهيءَ (رات) ۾ پنهن جي رب جي حڪم سان سڀيئي (ديني ۽ دنيوي) ڪم کڻي نازل ٿين ٿا.

سَلٰمٌ ۛ هِيَ حَتّٰى مَطْلَعِ الْفَجْرِ ⑥

٦- (پوءِ فرشتن جي لهڻ ڪانپوءِ تہ) سلامتي (ئي سلامتي هوندي) آهي (۽) اهو (حال) صبح جي نڪرڻ تائين (رهندو) آهي.

سُوْرَةُ الْبَيِّنَةِ مَدَنِيَّةٌ وَّهِيَ مَعَ الْبَسْمَلَةِ تِسْعُ اٰيَاتٍ

سورت بينہ - هيءَ سورت مڪي آهي ۽ بسم الله سميت هن جون نو آيتون آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ①

١- (مان) الله جو نالو وٺي جيڪو بيحد ڪرم ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي (پڙهانٿو)

لَمْ يَكُنِ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْ اَهْلِ الْكِتٰبِ وَالْمُشْرِكِيْنَ مُنْفَكِّيْنَ حَتّٰى تَاْتِيَهُمُ الْبَيِّنَةُ ②

٢- اهي ماڻهو جن ڪفر ڪيو آهي يعني اهل ڪتاب ۽ مشرڪ (ٻئي) ڪڏهين بہ (پنهن جي ڪفر کان) باز رهڻ وارا نہ هئا، جيستائين انهن وٽ پڌرو دليل نہ اچي وڃي.

رَسُوْلٌ مِّنَ اللّٰهِ يَتْلُوْا صُحُفًا مُّطَهَّرَةً ③

٣- يعني الله جي (طرف) کان اچڻ وارو هڪ رسول جيڪو (انهن کي اهڙا) پاڪ صحيفا پڙهي ٻڌائي.

فِيْهَا كُتُبٌ قَيِّمَةٌ ④

٤- جن ۾ قائم رهڻ وارا حڪم هجن.

وَمَا تَفَرَّقَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ اِلَّا مِنْ بَعْدِ مَا جَآءَتْهُمُ الْبَيِّنَةُ ⑤

٥- ۽ (عجيب ڳالهہ هيءَ آهي تہ) جن ماڻهن کي (قرآن مجيد جهڙو مڪمل) ڪتاب ڏنو ويو آهي اهي انهيءَ دليل (يعني رسول) جي اچڻ کان پوءِ ئي (مختلف گروهن ۾ ورهائجي ويا آهن)

وَمَآ اُمِرُوْٓا اِلَّا لِيَعْبُدُوا اللّٰهَ مُخْلِصِيْنَ لَهُ الدِّيْنَ ۙ حُنَفَآءَ وَ يُقِيْمُوا الصَّلٰوةَ وَ يُؤْتُوا الزَّكٰوةَ وَ ذٰلِكَ دِيْنُ الْقَيِّمَةِ ⑥

٦- حالانڪ انهن کي اهوئي حڪم ڏنو ويو هو تہ اهي صرف هڪ خدا جي عبادت ڪن ۽ عبادت کي صرف انهيءَ جي لاءِ مخصوص ڪري ڇڏين (اهڙيءَ حالت ۾ جو) اهي پنهنجي نيڪ خواهشن ۾ ثابت قدم رهڻ وارا هجن ۽ (پوءِ صرف انهيءَ ڳالهہ جو حڪم ڏنو ويو هو تہ) نماز با جماعت ادا ڪندا رهن ۽ زڪوات ڏين ۽ اهوئي (هميشہ سچائيءَ تي) قائم رهڻ وارو دين آهي.

اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْ اَهْلِ الْكِتٰبِ

٧- اهل ڪتاب ۽ مشرڪن مان ڪفر تي قائم

بِاَنَّ رَبَّكَ اَوْحٰى لَهَا ۝٥

٦- انهيءَ لاءِ جو تنهن جي رب هن (زمين) جي حق ۾ وحي ڪري ڇڏي آهي.

يَوْمَئِذٍ يَّصْدُرُ النَّاسُ اَشْتَاتًا ۝ۙ لِّيُرَوْا اَعْمَالَهُمْ ۝٦

٧- انهيءَ ڏينهن ماڻهو مختلف گروهن جي صورت ۾ جمع ٿيندا انهيءَ لاءِ ته پنهن جي پنهن جي ڪوشش جي نتيجن کي ڏسن.

فَمَنْ يَّعْمَلْ مِثْقَالَ ذَرَّةٍ خَيْرًا يَّرَهٗ ۝٧

٨- پوءِ جنهن هڪ ذري برابر (بہ) نيڪي ڪئي هوندي اهو انهيءَ (جي نتيجي) کي ڏسي وٺندو.

وَمَنْ يَّعْمَلْ مِثْقَالَ ذَرَّةٍ شَرًّا يَّرَهٗ ۝٨

٩- ۽ جنهن هڪڙي ذري برابر بہ بدي ڪئي هوندي اهو انهيءَ (جي نتيجي) کي ڏسي وٺندو.

## سُوْرَةُ الْعٰدِيٰتِ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ مَعَ الْبَسْمَلَةِ اِثْنَتَا عَشْرَةَ اٰيَةً

سورت عاديات - هيءَ سورت مڪي آهي ۽ بسم الله سميت هن جون ٻارنهن آيتون آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۝١

١- (مان) الله جو نالو وٺي جيڪو بيحد ڪرم ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي (پڙهانٿو)

وَالْعٰدِيٰتِ ضَبْحًا ۝٢

٢- مان شاهديءَ طور انهن جماعتن کي پيش ڪيانٿو جيڪي گهوڙن تي چڙهي اهڙي طرح بي ڌڙڪ ڊوڙن ٿيون جو انهن جي گهوڙن جي وات مان آواز نڪرڻ شروع ٿي وڃن ٿا.

فَالْمُوْرِيٰتِ قَدْحًا ۝٣

٣- پڻ انهن گهوڙي سوارن کي جن جون سواريون ڏڪ هڻي چڻنگون ڪڍن ٿيون.

فَالْمُغِيْرٰتِ صُبْحًا ۝٤

٤- ۽ صبح سوير حملي ڪرڻ وارن کي.

فَاَثَرْنَ بِهٖ نَقْعًا ۝٥

٥- جنهن جي نتيجي ۾ انهيءَ (صبح جي وقت) ۾ مٽي اڏائين ٿا.

فَوَسَطْنَ بِهٖ جَمْعًا ۝٦

٦- ۽ لشڪر ۾ ڪاهي پون ٿا.

| | |
|---|---|
| إِنَّ الْإِنسَانَ لِرَبِّهِ لَكَنُودٌ ﴿٦﴾ | ٦. انسان يقينن پنهن جي رب جو ڏاڍو بي شڪر آهي. |
| وَإِنَّهُ عَلَىٰ ذَٰلِكَ لَشَهِيدٌ ﴿٧﴾ | ٨. ۽ اهو يقينن انهيءَ تي (پنهن جي قول ۽ فعل سان) شاهدي ڏيڻي رهيو آهي. |
| وَإِنَّهُ لِحُبِّ الْخَيْرِ لَشَدِيدٌ ﴿٨﴾ | ٩. ۽ هو (انهيءَ هوندي بہ) يقينن مال جي صحبت ۾ ڏاڍو وڏيل آهي. |
| أَفَلَا يَعْلَمُ إِذَا بُعْثِرَ مَا فِي الْقُبُورِ ﴿٩﴾ | ١٠. چا اهڙو انسان نٿو ڄاڻي تہ جڏهين اهي (ماڻهوءَ) جيڪي قبرن ۾ آهن اٿاريا ويندا. |
| وَحُصِّلَ مَا فِي الصُّدُورِ ﴿١٠﴾ | ١١. ۽ جيڪي ڪي سينن ۾ (لڪو پيو) آهي ڪڍيو ويندو. |
| إِنَّ رَبَّهُم بِهِمْ يَوْمَئِذٍ لَّخَبِيرٌ ﴿١١﴾ | ١٢. انهيءَ ڏينهن انهن جو رب يقينن انهن جي نگراني ڪرڻ وارو هوندو. |

## سُورَةُ الْقَارِعَةِ مَكِّيَّةٌ وَهِيَ مَعَ الْبَسْمَلَةِ اثْنَتَا عَشْرَةَ آيَةً

سورت قارعہ ۔ هيءَ سورت مڪي آهي ۽ بسم الله سميت هن جون ٻارنهن آيتون آهن.

| | |
|---|---|
| بِسْمِ اللَّهِ الرَّحْمَٰنِ الرَّحِيمِ ﴿١﴾ | ١. (مان) الله جو نالو وٺي جيڪو بيحد ڪرم ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي (پڙهانٿو) |
| الْقَارِعَةُ ﴿٢﴾ | ٢. (دنيا تي) هڪ سخت مصيبت (اچڻ واري آهي) |
| مَا الْقَارِعَةُ ﴿٣﴾ | ٣. ۽ توکي ڪهڙي خبر تہ اها مصيبت ڪهڙي آهي. |
| وَمَا أَدْرَاكَ مَا الْقَارِعَةُ ﴿٤﴾ | ٤. ۽ (وري اسان چئون ٿا تہ اي مخاطب!) توکي ڪهڙي خبر آهي تہ اها (عظيم الشان) مصيبت ڪهڙي شيءَ آهي. |
| يَوْمَ يَكُونُ النَّاسُ كَالْفَرَاشِ الْمَبْثُوثِ ﴿٥﴾ | ٥. (اها مصيبت جڏهين ايندي) انهيءَ وقت ماڻهو پکڙيل پتنگن وانگر (حيران ٿيا رهيا) هوندا. |

وَتَكُوْنُ الْجِبَالُ كَالْعِهْنِ الْمَنْفُوْشِ ۝٥
٦. ۽ جبل انهيءَ پشم وانگر ٿي ويندا جيڪا پڃيل هوندي آهي.

فَاَمَّا مَنْ ثَقُلَتْ مَوَازِيْنُهٗ ۝٦
٧. انهيءَ وقت جنهن جي (عملن جا) پڙ ڳرا هوندا.

فَهُوَ فِيْ عِيْشَةٍ رَّاضِيَةٍ ۝٧
٨. اهو تہ (بهترين ۽) دلپسند حالت ۾ هوندو.

وَاَمَّا مَنْ خَفَّتْ مَوَازِيْنُهٗ ۝٨
٩. ۽ جنهن جي (عملن جا) پڙ هلڪا هوندا.

فَاُمُّهٗ هَاوِيَةٌ ۝٩
١٠. انهيءَ جو ٺڪاڻو هاويہ (يعني جهنم) هوندو.

وَمَآ اَدْرٰىكَ مَاهِيَهْ ۝١٠
١١. ۽ (اي مخاطب!) توکي ڪهڙي خبر آهي تہ اها (هاويہ) ڇا آهي.

نَارٌ حَامِيَةٌ ۝١١
١٢. اها هڪ ٻرڪندڙ باهہ آهي.

## سُوْرَةُ التَّكَاثُرِ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ مَعَ الْبَسْمَلَةِ تِسْعُ اٰيَاتٍ

سورت تڪاثر - هيءَ سورت مڪي آهي ۽ بسم الله سميت هن جون نو آيتون آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۝١
١. (مان) الله جو نالو وٺي جيڪو بيحد ڪرم ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي (پڙهانٺو)

اَلْهٰىكُمُ التَّكَاثُرُ ۝٢
٢. توهانکي هڪ ٻئي کان وڌڻ جي خواهش غفلت ۾ وجهي ڇڏيو (۽ توهان اهڙيءَ طرح غافل رهندؤ )

حَتّٰى زُرْتُمُ الْمَقَابِرَ ۝٣
٣. ايستائين جو توهان قبرن ۾ وڃي پهچندؤ.

كَلَّا سَوْفَ تَعْلَمُوْنَ ۝٤
٤. (چڱيءَ طرح ياد رکو تہ) توهان مائهو ويجهڙائي ۾ (قرآن ڪريم جي بيان ڪيل حقيقت کي) سمجهي وٺندؤ.

ثُمَّ كَلَّا سَوْفَ تَعْلَمُوْنَ ۝٥
٥. وري (بہ اسان چئونٿا تہ توهانجي حالت

اهڙيءَ طرح نہ آهي جهڙيءَ طرح توهان سمجهو ٿا ۽) ويجهڙائي توهانکي معلوم ٿي ويندو (تہ توهانجي اندروني حالت حقيقتن اهائي آهي جيڪا قرآن ڪريم بيان ڪئي آهي)

كَلَّا لَوْ تَعْلَمُونَ عِلْمَ الْيَقِينِ ۝٥

٦. (اصل حقيقت توهانجي خيالن جي مطابق) هرگز نہ (آهي) ڪاش توهان اصل حقيقت علم يقين جي مدد سان سمجهي سگهو ها.

لَتَرَوُنَّ الْجَحِيمَ ۝٦

٧. (تڏهين توهانکي معلوم ٿي وڃي ها تہ) توهان ضرور جهنم کي (هن ئي دنيا ۾) ڏسندؤ.

ثُمَّ لَتَرَوُنَّهَا عَيْنَ الْيَقِينِ ۝٧

٨. ۽ انهيءَ کانپوءِ توهان انهيءَ کي يقين جي اک سان (آخرت ۾) بہ ڏسي وٺندؤ.

ثُمَّ لَتُسْأَلُنَّ يَوْمَئِذٍ عَنِ النَّعِيمِ ۝٨

٩. ۽ (هيءَ بہ ياد رکو تہ) توهان کان انهيءَ ڏينهن (هر وڏي) نعمت جي متعلق سوال ڪيو ويندو (تہ توهان انهيءَ جو شڪر ادا ڪيو آهي يا نہ ڪيو)

## سُورَةُ الْعَصْرِ مَكِّيَّةٌ وَهِيَ مَعَ الْبَسْمَلَةِ اَرْبَعُ اٰيَاتٍ

سورت عصر - هيءَ سورت مڪي آهي ۽ بسم الله سميت هن جون چار آيتون آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۝١

١. (مان) الله جو نالو وٺي جيڪو بيحد ڪرم ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي (پڙهانٿو)

وَالْعَصْرِ ۝٢

٢. مان (محمد جي) زماني کي شاهديءَ طور پيش ڪيان ٿو.

اِنَّ الْاِنْسَانَ لَفِيْ خُسْرٍ ۝٣

٣. (تہ) يقينن (نبين جو مخالف) انسان (هميشه ئي) گهاٽي ۾ (رهندو) آهي.

إِلَّا الَّذِينَ آمَنُوا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ وَتَوَاصَوْا
بِالْحَقِّ ۙ وَتَوَاصَوْا بِالصَّبْرِ ﴿٣﴾

٤. پر اهي ماڻهو جن (نبين تي) ايمان آندو ۽ (پوءِ) انهن (موقعي جي) حال سارو عمل ڪيا ۽ سچائي جي اصول تي قائم رهڻ جي پاڻ ۾ هڪ ٻئي کي تلقين ڪئي ۽ (پيش ايندڙ مشڪلات تي صبر ڪان ڪم وٺڻ جي) هڪ ٻئي کي هدايت ڪندا رهيا (اهڙا ماڻهو ڪڏهين بہ گهاٽي ۾ نہ پنجي سگهن).

## سُوْرَةُ الْهُمَزَةِ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ مَعَ الْبَسْمَلَةِ عَشَرُ اٰيَاتٍ

سورت همزه - هيءَ سورت مڪي آهي ۽ بسم الله سميت هن جون ڏهہ آيتون آهن

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ﴿١﴾

١. (مان) الله جو نالو وٺي جيڪو بيحد ڪرم ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي (پڙهانٿو)

وَيْلٌ لِّكُلِّ هُمَزَةٍ لُّمَزَةِۨ ﴿٢﴾

٢. هر غيبت ڪرڻ واري (۽) عيب جوئي ڪرڻ واري جي لاءِ عذاب (ئي عذاب) آهي.

الَّذِىْ جَمَعَ مَالًا وَّعَدَّدَهٗ ﴿٣﴾

٣. جيڪو مال گڏ ڪري ٿو ۽ انهيءَ کي ڳڻيندو رهي ٿو.

يَحْسَبُ اَنَّ مَالَهٗٓ اَخْلَدَهٗ ﴿٤﴾

٤. اهو خيال ڪري ٿو تہ انهيءَ جو مال انهيءَ (جي نالي) کي باقي رکندو.

كَلَّا لَيُنْۢبَذَنَّ فِى الْحُطَمَةِ ﴿٥﴾

٥. هرگز ائين نہ آهي (جيئن انهيءَ جو خيال آهي بلڪ) اهو يقينن (پنهن جي مال سميت) حطمہ ۾ اڇليو ويندو.

وَمَآ اَدْرٰىكَ مَا الْحُطَمَةُ ﴿٦﴾

٦. ۽ (اي مخاطب!) توکي ڇا معلوم آهي تہ اها حطمہ ڪهڙي شيءِ آهي.

نَارُ اللّٰهِ الْمُوْقَدَةُ ﴿٧﴾

٧. اها (حطمہ) الله جي ڏاڍي ڀڙڪايل باهہ آهي.

الَّتِىْ تَطَّلِعُ عَلَى الْاَفْـِٕدَةِ ﴿٨﴾

٨. جيڪا دلين جي اندر تائين وڃي پهچندي.

| | |
|---|---|
| إِنَّهَا عَلَيْهِمْ مُّؤْصَدَةٌ ﴿٩﴾ | ٩- پوءِ اها (باهه) سڀني طرفن کان بند ڪئي ويندي انهيءَ لاءِ تہ انهيءَ جي گرمي انهن کي اجا بہ وڌيڪ تڪليف ڏيندڙ محسوس ٿئي. |
| فِيْ عَمَدٍ مُّمَدَّدَةٍ ﴿١٠﴾ ع ١ / ٢٩ | ١٠- ۽ (اهي ماٿهو انهي وقت) ڊگهن ٿنڀن سان ٻڌل هوندا. |

## سُوْرَةُ الْفِيْلِ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ مَعَ الْبَسْمَلَةِ سِتُّ اٰيَاتٍ

سورت فيل - هيءَ سورت مڪي آهي ۽ بسم الله سميت هن جون ڇهہ آيتون آهن.

| | |
|---|---|
| بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ﴿١﴾ | ١- (مان) الله جو نالو وٺي جيڪو بيحد ڪرم ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي (پڙهانئو) |
| اَلَمْ تَرَ كَيْفَ فَعَلَ رَبُّكَ بِاَصْحٰبِ الْفِيْلِ ﴿٢﴾ | ٢- (اي محمد) ڇا توکي معلوم ڪونهي تہ تنهن جي رب هاٿي (استعمال ڪرڻ) وارن سان ڪهڙو سلوڪ ڪيو. |
| اَلَمْ يَجْعَلْ كَيْدَهُمْ فِيْ تَضْلِيْلٍ ﴿٣﴾ | ٣- ڇا (انهن کي حملي کان پهرين تباهہ ڪري) انهن جي منصوبي کي باطل نہ ڪري ڇڏيو. |
| وَّاَرْسَلَ عَلَيْهِمْ طَيْرًا اَبَابِيْلَ ﴿٤﴾ | ٤- ۽ (انهيءَ ڪانپوءِ) انهن (جي لاشن) تي پکين جا ولرن جا ولر موڪليا. |
| تَرْمِيْهِمْ بِحِجَارَةٍ مِّنْ سِجِّيْلٍ ﴿٥﴾ | ٥- (جيڪي) انهن (جي گوشت) کي سخت قسم جي پٿرن تي هڻي (۽ چنندا) هئا. |
| فَجَعَلَهُمْ كَعَصْفٍ مَّاْكُوْلٍ ﴿٦﴾ ع ١ / ٣٠ | ٦- سو انهيءَ جي نتيجي ۾ انهيءَ انهن کي اهڙي بهہ جهڙو ڪري ڇڏيو جنهن کي جانورن کائي ڇڏيو هجي. |

## سُوْرَةُ قُرَيْشٍ مَّكِّيَّةٌ وَّهِيَ مَعَ الْبَسْمَلَةِ خَمْسُ اٰيَاتٍ

سورت قريش ـ هيءَ سورت مڪي آهي ۽ بسم الله سميت هن جون پنج آيتون آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ①

١ـ (مان) الله جو نالو وٺي جيڪو بيحد ڪرم ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي (پڙهانئو)

لِاِيْلٰفِ قُرَيْشٍ ②

٢ـ (بين مقصدن کانسواءِ) قريشن جي دلين کي مائل ڪرڻ جي لاءِ.

اٖلٰفِهِمْ رِحْلَةَ الشِّتَآءِ وَالصَّيْفِ ③

٣ـ يعني انهن جي دلين کي اونهاري جي ۽ سياري جي سفرن ڏانهن مائل ڪرڻ جي لاءِ (اسان ابرهه کي تباهه ڪيو)

فَلْيَعْبُدُوْا رَبَّ هٰذَا الْبَيْتِ ④

٤ـ پوءِ انهن تي لازم آهي تہ اهي (قريش) انهيءَ گهر (يعني ڪعبي) جي مالڪ جي عبادت ڪن.

الَّذِيْٓ اَطْعَمَهُمْ مِّنْ جُوْعٍ ۙ وَّ اٰمَنَهُمْ مِّنْ خَوْفٍ ⑤ ع

٥ـ جنهن انهن کي (هر قسم جي) بک (جي حالت) ۾ کاڌو کارايو ۽ (هر قسم جي) خوف جي حالت ۾ امن بخشيو.

## سُوْرَةُ الْمَاعُوْنِ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ مَعَ الْبَسْمَلَةِ ثَمَانِيْ اٰيَاتٍ

سورت ماعون ـ هيءَ سورت مڪي آهي ۽ بسم الله سميت هن جون اٺ آيتون آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ①

١ـ (مان) الله جو نالو وٺي جيڪو بيحد ڪرم ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي (پڙهانئو)

اَرَءَيْتَ الَّذِيْ يُكَذِّبُ بِالدِّيْنِ ②

٢ـ (اي مخاطب!) ڇا تو انهيءَ شخص کي سڃاتو جيڪو دين کي ڪوڙو ڪري ٿو.

فَذٰلِكَ الَّذِيْ يَدُعُّ الْيَتِيْمَ ③

٣ـ اهوئي تہ آهي جيڪو يتيم کي ڌڪيندو هو.

| | |
|---|---|
| وَلَا يَحُضُّ عَلٰى طَعَامِ الْمِسْكِيْنِ ﴿٣﴾ | ۴۔ ۽ اهو مسڪين کي کاڌي کارائڻ جي لاءِ (ماڻهن کي ڪڏهين بہ) ترغيب نہ ڏيندو هو. |
| فَوَيْلٌ لِّلْمُصَلِّيْنَ ﴿٤﴾ | ۵۔ ۽ انهن نمازين جي لاءِ بہ تباهي آهي. |
| الَّذِيْنَ هُمْ عَنْ صَلَاتِهِمْ سَاهُوْنَ ﴿٥﴾ | ٦۔ جيڪي پنهن جن نمازن کان غافل رهن ٿا. |
| الَّذِيْنَ هُمْ يُرَآءُوْنَ ﴿٦﴾ | ۷۔ (۽) جيڪي ماڻهو صرف ڏيکاءُ کان ڪم ونن ٿا. |
| وَيَمْنَعُوْنَ الْمَاعُوْنَ ﴿٧﴾ ع ٣٢ | ۸۔ ۽ اهي پنهن جي گهر جي معمولي سامان ڏيڻ کان (پنهن جي نفس کي ۽ ٻين کي) روڪيندا رهن ٿا. |

## سُوْرَةُ الْكَوْثَرِ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ مَعَ الْبَسْمَلَةِ اَرْبَعُ اٰيَاتٍ

سورت ڪوثر ۔ هيءَ سورت مڪي آهي ۽ بسم الله سميت هن جون چار آيتون آهن.

| | |
|---|---|
| بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ﴿١﴾ | ١۔ (مان) الله جو نالو وٺي جيڪو بيحد ڪرم ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي (پڙهانئو) |
| اِنَّآ اَعْطَيْنٰكَ الْكَوْثَرَ ﴿٢﴾ | ٢۔ (اي نبي!) يقينن اسان توکي ڪوثر عطا ڪيو آهي. |
| فَصَلِّ لِرَبِّكَ وَانْحَرْ ﴿٣﴾ | ٣۔ تون (انهيءَ جي شڪر ۾) پنهن جي رب جي (ڪثرت سان) عبادت ڪر ۽ انهيءَ جي خاطر قربانيون ڪر. |
| اِنَّ شَانِئَكَ هُوَ الْاَبْتَرُ ﴿٤﴾ ع ٣٣ | ۴۔ ۽ يقين رک تہ تنهن جو مخالف ئي نرينہ اولاد کان محروم ثابت ٿيندو. |

## سُوْرَةُ الْإِخْلَاصِ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ مَعَ الْبَسْمَلَةِ خَمْسُ اٰيَاتٍ

سورت اخلاص - هي سورت مڪي آهي ۽ بسم الله سميت هن جون پنج آيتون آهن.

| | |
|---|---|
| بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ① | ١- (مان) الله جو نالو وٺي جيڪو بيحد ڪرم ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي (پڙهانٿو) |
| قُلْ هُوَ اللّٰهُ اَحَدٌ ② | ٢- (اسان هر زماني جي مسلمان کي حڪم ڏيون ٿا تہ) تون (پين ماڻهن کي) چوندو هل تہ (اصل) ڳالهہ هيءَ آهي تہ الله پنهن جي ذات ۾ اڪيلو آهي. |
| اَللّٰهُ الصَّمَدُ ③ | ٣- الله اها (هستي) آهي جنهن جا سڀ محتاج آهن (۽ هو ڪنهن جو محتاج ڪونهي) |
| لَمْ يَلِدْ وَلَمْ يُوْلَدْ ④ | ٤- نہ انهيءَ ڪنهن کي ڄڻيو آهي ۽ نہ اهو ڄڻيو ويو آهي. |
| وَلَمْ يَكُنْ لَّهٗ كُفُوًا اَحَدٌ ⑤ ع | ٥- ۽ (انهيءَ جي صفتن ۾) انهيءَ جو ڪوبہ شريڪ ڪونهي. |

## سُوْرَةُ الْفَلَقِ مَدَنِيَّةٌ وَّهِيَ مَعَ الْبَسْمَلَةِ سِتُّ اٰيَاتٍ

سورت فلق - هيءَ سورت مدني آهي ۽ بسم الله سميت هن جون ڇهہ آيتون آهن.

| | |
|---|---|
| بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ① | ١- (مان) الله جو نالو وٺي جيڪو بيحد ڪرم ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي (پڙهانٿو) |
| قُلْ اَعُوْذُ بِرَبِّ الْفَلَقِ ② | ٢- (اسان هر زماني جي مسلمانن کي چئون ٿا تہ) تون (پين ماڻهن کي) چوندو هل تہ مان مخلوقات جي رب کان (انهيءَ جي) پناهہ طلب ڪيانٿو. |
| مِنْ شَرِّ مَا خَلَقَ ③ | ٣- انهيءَ جي هر مخلوق جي (ظاهري ۽ باطني) برائي کان (بچڻ جي لاءِ) |

وَمِنْ شَرِّ غَاسِقٍ إِذَا وَقَبَ ﴿٣﴾

٣. ۽ اونده کرڻ واري جي هر شرارت کان (بچڻ جي لاءِ) جڏهين هو اونده کري ٿو جڏي.

وَمِنْ شَرِّ النَّفّٰثٰتِ فِي الْعُقَدِ ﴿٤﴾

٤. ۽ سڀني اهڙن نفسن جي شرارت کان (بچڻ جي لاءِ بہ) جيکي (هڪ ٻئي سان تعلقن جي) ڳنڍ ۾ (تعلق ٽوڙائڻ جي نيت سان) ڦوڪون ڏين ٿا.

وَمِنْ شَرِّ حَاسِدٍ إِذَا حَسَدَ ﴿٥﴾ ع ٢٨

٥. ۽ هر حاسد جي شرارت کان (بہ) جڏهين اهو حسد تي قائم ٿي وڃي ٿو.

## سُوْرَةُ النَّاسِ مَدَنِيَّةٌ وَّهِيَ مَعَ الْبَسْمَلَةِ سَبْعُ اٰيَاتٍ

سورت ناس ـ هيءَ سورت مدني آهي ۽ بسم الله سميت هن جون ست آيتون آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ﴿١﴾

١. (مان) الله جو نالو وٺي جيڪو بيحد ڪرم ڪرڻ وارو (۽) بار بار رحم ڪرڻ وارو آهي (پڙهان ٿو)

قُلْ اَعُوْذُ بِرَبِّ النَّاسِ ﴿٢﴾

٢. (اسان هر زماني جي مسلمان کي چئون ٿا تہ) تون (ٻين ماڻهن کي) چوندو هل تہ مان سڀني انسانن جي رب کان (انهيءَ جي) پناهہ طلب ڪيان ٿو.

مَلِكِ النَّاسِ ﴿٣﴾

٣. (اهو رب) جيڪو انسانن جو بادشاهہ (بہ) آهي.

اِلٰهِ النَّاسِ ﴿٤﴾

٤. ۽ سڀني انسانن جو معبود (بہ) آهي.

مِنْ شَرِّ الْوَسْوَاسِ ۙ الْخَنَّاسِ ﴿٥﴾

٥. (مان انهيءَ جي پناهہ طلب ڪيان ٿو) هن وسوسي وجهڻ واري جي شرارت کان جيڪو (هر قسم جا وسوسا وجهي) پوئتي هٽي ويندو آهي.

الَّذِيْ يُوَسْوِسُ فِيْ صُدُوْرِ النَّاسِ ﴿٦﴾

٦. (۽) جيڪو انسانن جي دلين ۾ شڪ پيدا ڪندو آهي.

مِنَ الْجِنَّةِ وَ النَّاسِ ﴿٧﴾ ع ٢٩

٧. خواهہ اهو (فسادي) ڳجهين هستين مان هجي، خواهہ عام انسانن مان هجي.

## دُعَاءُ خَتْمِ الْقُرْآنِ

اَللّٰهُمَّ آنِسْ وَحْشَتِيْ فِيْ قَبْرِيْ
اَللّٰهُمَّ ارْحَمْنِيْ بِالْقُرْآنِ الْعَظِيْمِ
وَاجْعَلْهُ لِيْ إِمَامًا وَّ نُوْرًا
وَّ هُدًى وَّ رَحْمَةً اَللّٰهُمَّ
ذَكِّرْنِيْ مِنْهُ مَا نَسِيْتُ وَ
عَلِّمْنِيْ مِنْهُ مَا جَهِلْتُ
وَارْزُقْنِيْ تِلَاوَتَهٗ اٰنَآءَ الَّيْلِ وَ
اٰنَآءَ النَّهَارِ وَاجْعَلْهُ لِيْ
حُجَّةً يَّارَبَّ الْعٰلَمِيْنَ

اي الله! منهن جي قبر ۾ منهن جي وحشت کي دور فرماءِ

اي منهنجا خدا! مونتي قرآن عظيم جي برڪت سان رحم فرماءِ ۽ انهيءَ کي منهن جي لاءِ امام نور هدايت ۽ رحمت بناءِ - اي خدا! جيڪي ڪجهه مان قرآن مجيد مان وساري چڪو آهيان اهو مونکي ياد ڏيار ۽ جيڪي مونکي نٿو اچي اهو مونکي سيکار ۽ ڏينهن رات مونکي هن جي تلاوت جي توفيق عطا فرماءِ ۽ اي رب العالمين! هن کي منهن جي فائدي جي لاءِ حجت جي طور بناءِ.

# THE HOLY QUR'ĀN

WITH

SINDHI TRANSLATION

*under the auspices*

*of*

HAZRAT MIRZA TAHIR AHMAD
KHALIFATUL MASIEH IV
HEAD OF THE AHMADIYYA COMMUNITY

*Published*

*by*

ISLAM INTERNATIONAL PUBLICATIONS LTD.

ISLAMABAD SHEPHATCH LANE
TILFORD SURREY GUIO 2AQ U.K.